نئين

جامع سنڌي لغات

جلد پهريون (الف - جهـ)

تحقيق ۽ تصنيف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي پوليءَ جو با اختيار ادارو

نئين

جامع سنڌي لغات

جلد پهريون (الف-جھ)

تحقيق ۽ تصنيف
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2017ع

سنڌي هوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (304)

هٿي ڇاپي جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

نئين جامع سنڌي لغات (جلد پهريون 'الف-جهه')

تحقيق ۽ تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڇاپو: پهريون: 2005ع، ٻيو: ڊسمبر 2017ع

ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ، محمد رمضان ترڪ

ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو

تعداد: 1000

قيمت: =/800 روپيا

ناشر: سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سو سالا سالگرهه جي مناسبت سان سنڌي هوليءَ جي بااختيار اداري جي خاص اشاعت

Catalogue Reference
Baloch N.A. Dr
New Comprehensive Sindhi Dictionary -I
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-133-0

New Comprehensive Sindhi Dictionary -I

By:	Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch
Edition:	1st: 2005, 2nd: 2017
Quantity:	1000
Price:	800/=
Composed by:	Hussain Ahmed Memon & M. Ramzan Turk
Title:	Asadullah Bhutto
Published by:	Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051
E-mail:	contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org
Printed by:	M/S Ali Hussnain Process and printing Services, Hyderabad, Sindh.
Digitized by	M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ناشر پاران

لغت نويسي هڪ اڻ کوٽ عمل آهي. جيڪو ڪنهن بہ سڌريل ۽ ادبي ٻوليءَ جي زنده رهڻ تائين جاري رهندو آهي. ٻولين جا هڪٻئي سان رابطا ۽ نيون ايجادون نوان لفظ ۽ اصطلاح کڻي اچن ٿيون. ٻولين ۾ وقت گذرڻ سان ضرورت موجب ڪي نوان لفظ ۽ اصطلاح پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ ڪي ورهي متروڪ ٿي هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا آهن. اهو هڪ مسلسل عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪي صديون سال گذرڻ کان پوءِ ٻوليءَ ۾ وڏا فرق محسوس ٿيندا آهن ۽ انهيءَ فرق کي تاريخي يا ڪلاسيڪل درجابنديءَ ۾ آندو ويندو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇهريون دفعو 1940ع ۾ تعليم کاتي کي هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ سنڌي۔ سنڌي لغت جي تياريءَ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهہ ٿيل هئي. اها ئي رڳا بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ڪرائي وئي ۽ گڏ ڪيل مواد کي بلوچ صاحب ايڊٽ ڪري پنج جلد تيار ڪيا جيڪي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايا ويا هئا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سال 2004ع ۾ جامع سنڌي لغت جو ايڊٽ ٿيل مواد ٽن جلدن ۾ ڇپرايو ويو هو جيڪو ڊاڪٽربلوچ ٻيهر ايڊٽ ڪيو هو ۽ ان ۾ اهم واڌارا سڌارا ڪري هنن ٽنهي جلدن کي نئين سر ترتيب ڏنو هو.

اهي ٽئي جلد ڇپجڻ بعد ڪجهہ سالن ۾ ئي ختم ٿي ويا ۽ پوءِ ڪيترن ئي اديبن، ليکڪن، شاگردن توڙي استادن ۽ عام ماڻهن طرفان مسلسل طلب ٿيندي رهي تہ اهي ٽئي جلد جيڪر ٻيهر ڇپرائي پڌرا ڪيا وڃن تہ بهتر ٿيندو.

هن ڪم کي ٻيهر ڇپرائڻ ممڪن ٿي نہ سگهي ها جيڪڏهن ڊاڪٽر اين. اي بلوچ فائونڊيشن طرفان انهن جلدن جي ڇپائيءَ لاءِ لکت ۾ اجازت نہ ملي ها. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اهي ٽئي جلد ڊاڪٽربلوچ صاحب جي سؤ سالا سالگرهہ جي حوالي سان ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا آهن. هي ان سلسلي جو ڇهريون جلد آهي. اسان کي يقين تہ هي لغت هميشہ وانگي سنڌواسين لاءِ هڪ انمول تحفو هوندي.

15 نومبر 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

پرفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

باسمه تعالیٰ

مهاڳ

سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو ۱۸ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو. خاص طرح انهيءَ لاءِ ته ٻاهرين ماڻهن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي: انهيءَ کري اهي لغاتون 'انگريزيءَ مان سنڌي' يا 'سنڌيءَ مان انگريزيءَ' ۾ لکيون ويون. ڪئپٽن ٽٽئڪ، پهريائين 'انگريزي – سنڌي لغات' ۱۸۴۹ع ۾ شايع ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس 'سنڌي – انگريزي لغات' ۱۸۵۵ع ۾ ڇپي. جنهن ۾ سنڌي الفاظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ اُنهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. ساڳئي وقت سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي "جواهر اللغات" مرتب ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌي لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ ڏني. جيئن ته فارسي تعليم اُن وقت سنڌ ۾ عام هئي، ان کري هيءَ ڇڻ ڀهرين لغات هئي جيکا ملڪ جي رهواسين لاءِ لکي ويئي، حالانڪ فارسيءَ جي رواج گهٽجڻ سببان اها بنا ڇپجڻ جي قلمي صورت ۾ ئي رهجي وئي. اُن بعد ۱۸۷۹ع ۾، شرٽ، اڈارام ۽ مرزا صادق علي تنهي گڏجي 'سنڌي – انگريزي لغات' تيار ڪئي، جنهن ۾ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ کان ڇڻ مدد ورتائون. ڪئپٽن ٽٽئڪ جي برعڪس، هنن صاحبن عام رواج موجب سنڌي الفاظ سنڌي ـ عربي صورتخطي ۾ لکيا پر معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنيون. ۲۰ ـ صديءَ جي شروعات ۾، پرمانند جي 'سنڌي – انگريزي لغات' (۱۹۱۰ع) ۽ سندس 'ٽئين انگريزي –سنڌي لغات' (۱۹۳۳ع)، بن ٻولين ۾ سنڌي لغات لکڻ جي شروعاتي سلسلي جون ڪڙيون هيون.

باوجود انهن ڪوششن جي، سنڌي ٻوليءَ جي خالص 'سنڌي مان سنڌي لغات' جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪمل الفاظ ڏنل هجن ۽ معنائون ڇڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، ان وقت تائين لکجي شايع ٿي نه سگهي. البته ڪن خاص مقصدن لاءِ، ڪن ٿورن لفظن تي مشتمل مخصوص لغاتون لکيون ويون. مثلاً سنه ۱۸۸۶ع ۾ جهمت مل جي لغات "وِٹَپَتِي ڪوش" شايع ٿي، جنهن ۾ هن فقط اهڙا چوند سنڌي لفظ ڏنا جيکي سنسڪرت مان نڪتل آهن. ان بعد پيرومل، شاهه جي رسالي جي ڀهرين ٽن سُرن ۾ آيل ڏکين لفظن کي "غريب اللغات" ۾ مرتب ڪيو. جنهن جو ڀهريون ڇاڪو ۱۹۰۷ع ۾ شايع ٿيو. ميرزا قليچ بيگ سچي رسالي جي لفظن کي "لغات لطيفي" ۾ سهيڑيو. جيکا سنه ۱۹۱۴ع ۾ شايع ٿي. مولوي هدايت الله هالائيءَ ڇڻ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان بعد ميرزا قليچ بيگ، شاهه ۽ ٻين نون (۹) شاعرن جي شعر مان ڏکين لفظن کي چونڊي معنائن سميت "لغات قديمي" ۾ مرتب ڪيو، جا سنه ۱۹۲۴ع ۾ شايع ٿي.

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جامع لغات لکڻ جي ضرورت پوري کان ٿي. انهيءَ کري سنڌ سرڪار جي "سنڌي ساهتيه مرڪزي صلاحڪار بورڊ"، ۱۹۴۰ع بعد اهڙي جامع لغات لکڻ جو ڪم عالمن جي هڪ ڪاميٽيءَ

جي حوالي ڪيو. پر ڪن سببن ڪري، سالن جي عرصي گذرڻ بعد به انهيءَ لغات جو مسودو، فقط پهرين ڇهن اکرن (الف، ب، پ، ۽ ڪجھ ٻ) تائين محدود رهجي ويو. سنہ ۱۹۵۱ع ۾ جڏهن سنڌ سرڪار طرفان هن بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي، تڏهن نئين "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان، تن سالن اندر هڪ جامع لغات تيار ڪرڻ جي مونکي آڇ ٿي جنهن کي مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. چاڪاڻ ته ان کان اڳ، ۴۹ـ۱۹۵۰ع ۾ جناب سيّد غلام مرتضيٰ شاھ (جي.ايم. سيد) جن جي همت افزائيءَ سان، ذاتي طور تي مون اهو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو.

ڊسمبر ۱۹۵۱ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فاضل وائيس چانسلر علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ جي عنايت سان، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هن جامع سنڌي لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ، مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪم جي تجويز جو خاڪو تيار ڪيو ويو. ۽ جنوري ۱۹۵۲ع کان ڪم باقاعدي شروع ڪيو ويو. رات ڏينهن لڳاتار محنت سان هن جامع لغات جو مسودو تن سالن جي مقرر عرصي اندر، ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. البتہ مسودي جي تڪميل بعد کي اهڙيون رندڪون پئجي ويون، جو تن سالن تائين ڇپائي ڪانہ ٿي سگهي. انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاڻي، لغات جي مسودي کي گهٽي پاڻي سنواريو ويو ۽ پڻ ويهہ سيڪڙو ڪن نوان الفاظ شامل ڪيا ويا . ۱۹۵۷ع ۾ ڇپائي شروع ٿي ۽ جملي ۸۰ صفحا مس ڇپيا تہ وري ٻيون رندڪون پئجي ويون، جنهنڪري تقريباً هڪ سال تائين ڇپائي بند رهي. انهيءَ عرصي ۾ پڻ وڌيڪ اصلاح جو موقعو مليو. بالآخر نومبر ۱۹۵۸ع کان ڇپائيءَ جو سلسلو نئين سر شروع ٿيو. جيڪو البتہ آهستي، پر بنا رندڪ جي، جاري رهيو.

سرمايي ۽ وقت جي ڪمي توڙي ڇاڻو عملي جي ٽورڙائيءَ سببان، هن لغات جي تياريءَ ۾ ڪافي تڪليفون پيش آيون. ان کان سواءِ لغات جي مسودي جي تڪميل بعد، ويتر اهڙيون رندڪون پيون جيڪي دل شڪنيءَ جو باعث بنيون. پر بقول عرب شاعر جي:

لاَسْتَهْلَنَّ الصَّعْب او أدرک الْمُنیٰ
فَمَا انْقَادَتِ الآمالُ إلاّ لِصابِرِ
(ڪندس حل مشڪل يا ويندس مري،
نہ پڄندیون مرادون ڪڏهن صبر ري).

هن اهم ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هر مشڪل کي صبر سان منهن ڏيئي حل ڪيو ويو البتہ لغات جي تڪميل بعد، ان جي فوري ڇپائي راقم جي وس کان ٻاهر هُئي ۽ ان ۾ ڪافي دير ٿي وئي، پر چوندا آهن تہ "جيئن دير تيئن خير" ـ انهيءَ دير سببان بنيادي مسودي جي ڪچ پاڻي کي وڌيڪ سنواريو ويو. ۽ پڻ لفظن جي تعداد کي وڌايو ويو. لفظن جي تعداد جي پيٽ انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿي، تہ جيئن لغاتن مان 'ڪئپٽن ڪُٽنڪ' واري سڄي لغات ۾ اٽڪل ۱۶۹۰۰ الفاظ ۽ اصطلاح آهن. شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق عليءَ واريءَ لغات ۾ ۲۱۴۵۰، پر مائنڊ واري سنڌي -- انگريزي لغات ۾ ۲۵۱۴، ۽ هن لغات جي فقط پهرين تن حرفن هيٺ ۱۵۷۳۵ الفاظ ۽ اصطلاح آهن.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺنين سرجشمن مان گڏ ڪيو ويو: (الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل اندازاً ۴۵۰ ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ انهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا. (ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو. (ج) ادب ۽ لغت بابت اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو۔ خاص طرح شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش، صوفي محمد صديق ۽ غلام محمد خانه زئي جا رسالا (جيڪي "لغات قديمي" جي تياريءَ وقت ميرزا قليچ بيگ صاحب جي آڏو نه هئا)، تن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي "جواهر اللغات" ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسوّدو)، انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا. ٻيمئي مان مسٽر تاراچند گاجرا، لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اتاري موڪليا. جن کي داخل ڪيو ويو. (د) مٽين تن ماخذن کان سواءِ، عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرجشمي کي وڏي اهميت ڏني وئي. اڳ جيڪي به لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا، تن جي اڪثر مصنفن ۽ مولفن جو واسطو شهرن سان رهيو: اهي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقه واقف نه هئا. انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نه آهن. هن لغات لاءِ سڃيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڑڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي وئي؛ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڻ ۾ مڪاني ڪارڪن مقرر ڪيا ويا انهيءَ لاءِ ته پنهنجي ٿَرجي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح لکي موڪلين. مثلاً ڪاسبين جهڙوڪ ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، سونارن، وادِن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا، جهڙوڪ گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا؛ ريتين رسمن جهڙوڪ شادي غمي جا اصطلاح؛ ميلن ملاکڙن جا اصطلاح؛ گهرو الفاظ جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره؛ اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ پوک جي مڙني قسمن جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، کجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. هن سلسلي ۾ خاص احتياط رکيو ويو. ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٽر، ڪاڇي، ڪاري، ڪچ ۽ لس ٻيلي جي مقامي ٻولين جا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ڇڪو آهي، انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي ٻولي آڏي مکي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ٻيا کي عربي فارسي الفاظ ۽ محاورا، ۱۹ـصدي کان ولي سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي، سنڌي ادب جو جُز بنجي، ڪتابن ذريعي شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي داخل ڪيو ويو ته جيئن هڪ جامع لغات جي صورت ۾ سڀني طبقن لاءِ ڪار آمد ٿي سگهي.

لغات جي سٽاءَ

جيئن ته هن قسر جي هيءَ پهرين لغات آهي، انهيءَ ڪري ان جي سٽاءَ ڪي پڻ نئين سر هيٺين اصولن تي قائم ڪيو ويو آهي.

لفظن جي ترتيب: جيئن ته لغات ۾ جملي الفاظ، جدا جدا اڪرن هيٺ 'الف — ب' وار ترتيب ڏيئي رکيا آهن، انهيءَ ڪري سڀ کان اول 'الف — ب' جي تختي هيٺين سٽاءَ سان قائم ڪئي ويئي آهي.

ا ب ٻ پ ت ٽ ٺ ٿ ج ڄ ڃ چ ڇ ح خ د ڏ ڊ ڍ ذ ر ڑ ز س

ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

'الف — بي' جي انهيءَ سٽاءَ موجب، لغات جي منڊ ۾ 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظن، پوءِ 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظن ۽ اهڙيءَ طرح آخر ۾ 'ي' سان شروع ٿيندڙ لفظن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي.

(۲) اصولي لفظ کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي آڏو گول ڪاري ٻڙيءَ (●) جو نشان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ اصولي لفظ مان ٺهيل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي، ۽ انهن جي آڏو ننڍي ٽلهي ڪاري ليڪ (—) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(۳) 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظن کي رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته 'مد' کي ٻن الفن، يعني ته 'الف' جي پويان 'الف'، جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.

(۴) ساڳي صورتخطيءَ وارن لفظن جي ترتيب، هر لفظ جي شروع واري اکر جي زير زبر موجب قائم ڪئي ويئي آهي: يعني ته جنهن لفظ جي منڊ واري اکر تي زبر آهي، اُهو اڳ ۾ رکيو ويو آهي، ان بعد اُهو جنهن جي منڊ واري اکر تي زير آهي، ۽ آخر ۾ اهو جنهن جي منڊ واري اکر تي پيش آهي: مثلاً:

اول 'اَت'، پوءِ 'اِت' ۽ آخر ۾ 'اُت'؛ ساڳيءَ

طرح اول 'بَر' پوءِ 'بِر' ۽ آخر ۾ 'بُر'.

لفظن جي سجاڻپ: لفظن جي صحيح سجاڻپ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا ويا آهن:

(۱) هر لفظ جي صحيح اُچار کي زيرن زبرن ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. البت ملڪ جي مختلف ٻاڱن جي لب و لهجي سببان، جيڪڏهين ڪنهن لفظ جو اُچار ذرا مختلف آهي، ته اول عام مروج اُچار ڏيئي ان بعد مخصوص مقامي اُچار ڏنو ويو آهي، ۽ ٻنهي ٻئي وچ ۾ 'ٿوري دم' (،) جي نشاني ڏني ويئي آهي، مثلاً:

اَنسَرُ، اَنسُرُ: اَجهڙَ، اَجهڙُ: آڏوڪو، آڏوکو:

(۲) جيڪڏهن ملڪ جي مختلف ٻاڱن ۾، ٻوليءَ جي مختلف محاورن سببان، ڪو لفظ ايتري قدر جدا نموني ۾ اُچارجي ٿو جو ان جي صورتخطيءَ جي سٽاءَ، اصولي طور ڦري وڃي ٿي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ان مستند اُچار کي هڪ مستقل لفظ جي صورت ۾، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيو ويو آهي، ۽ ان جي معنيٰ ڏيڻ وقت، ان جي ٻئي

اُچار واري صورت وارو لفظ پڇ ڏنو ويو آهي. البته اهڙي لفظ جي سربستي معنيٰ، صرف ان جي عام مروج اُچار واريءَ صورت جي آڏو ڏني ويئي آهي. ۽ ان جي مخصوص مقامي اُچار واريءَ جاءِ تي، معنيٰ ڏسڻ لاءِ اصولي اُچار واريءَ صورت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي۔ مثلاً

آبت ۽ آبڪ، آديس ۽ آڏيس، آرسڻ

۽ آرڪڻ، آرهڙ ۽ آرهاڙ، ٻوهل ۽ ٻوئل، وغيره.

(۳) ڪيترائي اهڙا الفاظ آهن، جن ۾ (سواءِ حيدرآبادي ٻوليءَ جي) "ڊ" ۽ "ت" جي اچارن بعد، اڪثر "ر" جو اچار هوندو آهي. اهڙن لفظن جي ٻوڙان ڏنگين ۾ 'ر' جو اچار نروار ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آنڊو (آنڊرُو)؛ بَڊوڪو (بَڊرُوڪو)، وغيره.

(۴) اسمن جي حالت ۾، هر لفظ ڪي واحد توڙي جمع جي صورت ۾ لکيو ويو آهي، ۽ ج جي نشان ذريعي جمع کي واحد کان جدا ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آبَتَ ج آبَتُونْ، آتَرُ ج آتَرَ، آتُرُ ج آتُرَ، آڏِيو ج آڏِيا.

(۵) اهي لفظ جيڪي ملڪ جي مختلف پاڳن جي مخصوص مقامي ٻولين سان خاص واسطو رکن ٿا (ٻوءِ ڪٿي اهي ٻين پاڳن ۾ پڻ استعمال ٿيندا هجن)، تہ مڪاني ٻوليءَ ۽ ماحول جي سچاڻپ خاطر، انهن لفظن جي ٻڌيان هيٺيون نشانيون ڏنيون ويون آهن:

(ت) = اُتر يعني اُتر جي ٻولي (خصوصاً سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن، ۽ خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترين پاڳن جي ٻولي).

(ل) = لاڙ، يعني لاڙ جي ٻولي (خصوصاً حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي پاڳي ۽ ان سان لاڳو ٺٽي ۽ ٿرپارڪر ضلعن وارن پاڳن جي ٻولي).

(ڪ) = ڪوهستان ۽ ڪاڇو، يعني سنڌ جي الهندين ڪوهستاني اراضي ۽ ان سان لاڳو (اوپر طرف) سنڌو ماٿريءَ جي وٽ واري ٻولي (خصوصاً دادو ضلعي جي الهندين ڪوهستاني سرحد ۽ ان سان لاڳو همٿ سنڌ واريءَ اراضيءَ جي ٻولي).

(ٿ) = ٿر، يعني ٿرپارڪر ضلعي جي مٿي، ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري تعلقن جي ٻولي.

(ڏات) = ڏات يا ڏٽ، يعني ٿرپارڪر جي خاص 'ڏات' واري پاڳي جي ڏاٽڪي ٻولي.

(ک) = ڪارو، يعني ٺٽي ضلعي جي خصوصاً سمنڊ جي ڪناري واري اراضيءَ جي ٻولي.

(ڪ) (لس) = يعني سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد واري ڪوهستاني اراضيءَ ۽ لس ٻيلي جي ٻولي.

(ڪچ) = يعني ڪچ رياست جي جتڪي ۽ ڪڇي محاورن واري سنڌي ٻولي.

(٦) لفظ جي صورتخطيءَ ۾ سجاڻپ کان پوءِ تشريحي نشاني (:) رکي ويئي آهي. جنهن بعد لفظ جي سمجهاڻي شروع ٿئي ٿي.

لفظن جي سمجهاڻي: هر لفظ جي سمجهاڻي عموماً ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. (الف) پهرياڻين لفظ جي نحوي صورت نروار ڪئي ويئي آهي، (ب) ان بعد ان جو اشتقاق ڏنو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ (ج) ان جي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي.

(الف) (١) لفظ جي نحوي حالت نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون استعمال ڪيون ويون آهن.

ذ. = اسم، مذڪر.	ظرف. = ظرف.
ث. = اسم ، مؤنث.	مصدر. = مصدر.
ذ. صفت. = صفت، مذڪر.	حرف جر. = حرف جر.
ث. صفت. = صفت، مؤنث.	حرف جملو. = حرف جملو.
صفت. = صفت، مذڪر توڙي مونث.	حرف ندا. = حرف ندا.
اسم خاص. = اسم خاص.	محاورو. = خط وار پوليءَ موجب استعمال.
ضمير. = ضمير.	جملو. = جملو.

(٢) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن، جن موجب ان جون نحوي حالتون پڻ جدا جدا آهن، تہ هر نئين معنيٰ کان اول، ڏنگين اندر نحوي حالت کي مٿين نشانين موجب نروار ڪيو ويو آهي.

(٣) اسم مذڪر جي حالت ۾ ، معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان جي مؤنث (واحد توڙي جمع) کي ڏنو ويو آهي.

(٤) مصدر جي حالت ۾ معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان فعل جي 'فاعل'، 'ماضي' توڙي 'اسم حالي' کي نروار ڪيو ويو آهي.

(ب) لفظ جي نحوي صورت نروار ڪرڻ بعد، چورس ڏنگين ۾ اُن جي مول ۽ اشتقاق کي سمجهايو ويو آهي.

(١) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، ان جي 'بنيادي صورت' مطابق آهي، تہ پوءِ صرف انهيءَ بنيادي پوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، جنهن مان اهو لفظ ورتل آهي، مثلاً:

آخر: ظرف. [ع] آباد: صفت. [ف]

انهن بنيادي پولين کي نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن:

سن. = سنسڪرت.	هـ = هندي.
پرا. = پراڪرت.	بل. = بلوچي.
ع. = عربي.	ف. = فارسي.
	انگ. = انگريزي.

انهن کان سواءِ ٻين بنيادي ٻولين جي حالت ۾. ٻوليءَ جو سڄو نالو لکيو ويو آهي- مثلاً [سرائڪي]، [ترڪي].

(۲) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، بنيادي صورت کان الڳ آهي، تہ ان حالت ۾ اشتقاق نروار ڪرڻ وقت، اصل بنيادي لفظ ڀڻ ڏنو ويو آهي. اصل بنيادي لفظ مان جنهن قيرگهير سان، لفظ پنهنجي موجوده صورت ورتي آهي، ان کي سمجهائڻ لاءِ ٻہ نشانيون > ۽ < استعمال ڪيون ويون آهن. مثلاً:

آڇام < آجام < آماج – يعني تہ اصل لفظ 'آماج' هو جو تقليب سببان ڦري 'آجام' ٿيو ۽ آجام وري سنڌيءَ ۾ 'آڇام' جي اڇار سان رائج ٿيو.

لَهَڻُ > اَلَهَڻُ > اَلهنڊو – يعني تہ لَهڻ' مان اَلهڻ ۽ 'اَلهڻ' مان الهندو لفظ نهيو.

(۳) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت اهڙي آهي، جو ان جو اشتقاق، هڪ کان وڌيڪ ٻولين مان پيو پائنجي، تہ انهيءَ حالت ۾ انهن مڙني ٻولين جا اُهي بنيادي الفاظ ڏنا ويا آهن جن مان موجوده لفظ جي نکرڻ جو گمان ٿي سگهي ٿو.

(ج) لفظ جي اشتقاق نروار ڪرڻ بعد، ان جي معنيٰ ڏني ويئي آهي:

(۱) هر معنيٰ کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ هر-معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن: ۽ اهڙن هر-معنيٰ لفظن جي وچ ۾ ننڍي ليڪ (-) ڏني ويئي آهي.

(۲) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن، تہ 'دم' جي نشانيءَ (.) سان هڪ معنيٰ کي ٻيءَ کان جدا ڪيو ويو آهي.

(۳) جيڪڏهن ڪا معنيٰ ملڪ جي ياڳي جي ڪنهن خاص محاوري مطابق آهي، تہ انهيءَ معنيٰ ڏيڻ بعد، ڏنگين ۾ ان مخصوص محاوري جو نشان ڏنو ويو آهي، مثلاً:

- آتِي ج آتِي (ڪ): ذ. صفت. آهِتِي – هميشه ايندڙ، گراهڪ. (صفت) ايندڙ – ايندڙ وقت وارو (ت).
- اُڇارڻ (ل): مصدر. آڇارڻ – آڇهارڻ. اُتارڻ (لس).

(۴) لفظ جي هر اُنوکي معنيٰ جي آخر ۾ شعر ٻهاڪي يا جوٽيءَ کي شاهديءَ طور آندو ويو آهي. مثلاً:

- آبَڏُ: مصدر. [ف. آب = پاڻي + ڏُ = مصدر جي نشاني] آب ڏيڻ – پاڻي ڏيڻ. آلو ڪرڻ – پجائڻ – پسائڻ "اِيءِ کي آبِيندي، لڏائون سنڌڙيءَ سار" (سجل).
- آپَڏُ (ت): مصدر. [سن. آ = جوڏاري + پاسْ = چمڪڻ] ظاهر يا صاف ٿي اچڻ. مٽان اڇي سهڙڻ. جهڙ ٿيڻ "اُپ آيو. پاڪيو جاڳيو" (جهڙ ٿيو. مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٿيو).

هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي؛ ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي. البتہ

لفظن جي اشتقاقن وارو پهلو اجان وڏيڪ تحقيق طلب آهي، جيتوڻيڪ حالات مطابق اِن تي بہ ڪافي توجه ڏنو ويو آهي. اهي لفظ جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن، تن جي اشتقاقن سمجهائڻ ۾ خاص طرح تاراچند گاجرا (بمبئي) مدد ڪئي، ۽ پڻ انهيءَ ڪم ۾ گنگارام سامرات (اُن وقت رهندڙ سن، ضلعو دادو) ڪجهه مدد ڪئي. انهيءَ هوندي بہ ڏاڍتن بابت پوري تحقيق ڪانہ ٿي ۽ سنڌي لفظن جا اصل سنسڪرت لفظ چونڊي ڏيڻ بدران متبادل لفظ ڏنا ويا. هن ايڊيشن ۾ اهڙا لفظ ڇڏي ڏنا ويا آهن.

سنڌي، سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي "سنڌو ماٿر جي قديم هند – آريائي ٻولي" آهي، ۽ ٻين هند – آريائي ٻولين جي پيٽ ۾، سنڌيءَ جي بناوت ۾، آڳاٽين هند – ايراني ۽ داردي ٻولين، توڙي ڪن "سامي صفت" زبانن، قديم ترڪي ۽ ايراني ٻولين کي دخل آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ پالي پراڪرت ذريعي، سنڌيءَ تي سنسڪرت جو اثر پيو؛ ۽ ان بعد سنڌيءَ جي ستاءَ ۽ ساخت، توڙي لساني تشڪيل، عربي ۽ فارسي اثر هيٺ ٿي. انهي تاريخي پس منظر ۽ مختلف ٻولين جي تمدني اثر سببان، سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙيون لساني خصوصيتون ۽ لُغوي ڳوڙهايون موجود آهن جو موجوده ڄاڻ جي روشنيءَ ۾، ڪن لفظن جا اشتقاق پروڙڻ البتہ مشڪل آهن. ازانسواءِ وقت جي پابندي ۽ سرمايي جي قلت سببان، هن لغات ۾ لفظن جي اشتقاقن تي وڏيڪ تحقيق جو امڪان ڪونہ هو: انهيءَ ڪري هن تحقيق کي مستقبل جي حوالي ڪرڻو پوي ٿو.

هن لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني پاڳن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب صاف ڪري لکيو، ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان، الفاظ ۽ اِصطلاح چونڊي قلمبند ڪيا. باهرين سيني ڪارڪنن خاطر خواهہ ڪم ڪيو، جن مان خاص طور هيٺين صاحبن ڪافي محنت سان پنهنجي پنهنجي مقامي ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، لفظن ۽ اصطلاحن جو جهجهو مواد موڪليو: صالح محمد سمو ۽ محمد عرس سمو (ڪراچي) جن لس ٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح سهيڙيا؛ محمد طالب لوهار (ٽنڈو باگو) ۽ مقبول احمد بلوچ (بدين) لاڙ جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو گڏ ڪيو؛ يمي مل (اسلام ڪوٽ) ۽ رائچند (چيلهار) ٿر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو؛ عطا محمد 'حامي' (خيرپور)، محمد عالم عباسي (سکر) ۽ عبدالرزاق ميمڻ (پير جوگوٺ) اتر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا موڪليا.

مرڪزي آفيس جي عملي محنت سان ڪم ڪيو ۽ لغات جي جملي مواد کي سهيڙڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيئي مسودي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. خاص طرح هيٺين صاحبن جا ناقابل ذڪر آهن، جي هڪيئي ٻويان راقم جا نائب ٿي رهيا: مرحوم محمد بخش واصف، جنهن ڪم جي شروعات جي وقت مدد ڪئي؛ سيّد سردار علي شاهہ.

جنهن لغات جي مسودي جي تياريءَ ۾ تڪميل تائين رفاقت ڪئي: ۽ شيخ محمد اسماعيل، جو شروع کان ئي هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ شامل رهيو ۽ ان بعد لغات جي پهرئين جلد جي صاف ڪاپي، نظرثانيءَ بعد ان جي ٻي صاف ڪاپي، ۽ ان بعد پريس ڪاپي تيار ڪرڻ، پروفن پڙهڻ ۽ ڇپائيءَ کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

آفيس جي عملي ۽ ڪارڪنن کان سواءِ، هن وڏي ڪم کي ڪامياب بنائڻ ۾ خاص طرح انهن سڄڻن جو هٿ آهي، جن وقت بوقت منهنجي لاءِ سنڌ جي هر پاڳي جو سفر سولو ڪيو ۽ مقامي ڳولڻ جي عمر رسيده بزرگن سان ملاقاتن ۽ سجاڻ سگهڙن ۽ شاعرن، توڙي ڪڙمين ڪاسبين، ٻاڇين ۽ ملاحن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جو انتظام ڪيو. جن کان نه فقط نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو مستند ذخيرو مليو، پر ڇپيل لغاتن ۾ ڏنل، توڙي ڪارڪنن کان پهتل ڪن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي تصديق ۽ تصحيح پڻ ڪئي ويئي.

مٿين لفظن تائين هي مهاڳ 26 جنوري ۱۹۶۰ع ۾ لکيو ويو جڏهن سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع سنڌي لغات جو پهريون جلد شايع ٿي رهيو هو. ٻئي جلد جا ٻيانوي يا وڌيڪ صفحا ڪمپوز ٿيا هئا جو بورڊ طرفان لغات جي ڇپائي جو ڪم بند ڪيو ويو. ان وقت جا ڪي سائين اهو سهي نه سگهيا ته راقم کي هيڏي وڏي لغات جي تڪميل ۽ اشاعت تي ڪا جس ملي. ان کان اڳ، تياري جي مرحلي تي به هلندڙ ڪم ۾ رندڪون وڌيون ويون ته جيئن مسودو صاف ٿي ڇپائي تائين نه پهچي، پر راقم صبر سان مخالفت کي سٺو ۽ پنهنجو ڪم جاري رکيو.

پهرئين جلد جي ڇپجڻ بعد بورڊ طرفان لغات جو باقي مسودو راقم بدران هڪ ٻئي پٽيان ٽن ٻين صاحبن جي حوالي ڪيو ويو ته اهي ان کي درست ڪن ۽ ايڊٽ ڪن. راقم سان رقابت ۽ مخالفت آخر انهيءَ حد کي پهتي جو مون کي بورڊ جي ميمبريءَ کان الڳ ڪيو ويو. ۱۹۶۰ع کان پوءِ لغت جي ڇپائي جو ڪم بند ڪيو ويو ۽ ويندي سترهن سالن تائين بند رهيو. نيٺ ۱۹۷۷ع ۾ مون بورڊ جي سيڪريٽري ڏي دردمندانه خط لکيو ته: 'مون کي مسودي جي تصحيح ۽ تڪميل جو موقعو ڏنو وڃي ته جيئن سڄي لغات سگهو ڇپجي شايع ٿئي. ان لاءِ 'مونکي ڪو معاوضو ڪونه ڪهي' ـ پر ڪو جواب ڪونه مليو. پوءِ هي ڪم معاوضي ڏيڻ سان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي حوالي ٿيو ۽ ويهن سالن کان پوءِ ٻيو جلد ۱۹۸۱ع ۾ ڇپيو. ان بعد باقي جيڪي ٽي جلد ڇپيا تن سپني لاءِ ڄاڻايو ويو ته اهي مولانا جي 'نظرثاني' سان ڇپيا. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اصل مسودو جئن هو تئن ڇاپايو ويو ۽ وڌيون غلطيون رهجي ويون. آخري پنجين جلد جي ڇپائي پوري ٿي هئي جو مونکي بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو ۽ پنجين جلد جي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو. ان مهاڳ ۾، مون جامع سنڌي لغات جي اشاعت جي سلسلي ۾، بورڊ جي ٻي مهري ۽ ٻي توجهي جو ذڪر ڪيو ته جيئن اڳتي لاءِ سجاڳي ۽ سهٽائيءَ لاءِ راهه روشن ٿئي، پر ائين ڪونه ٿيو.

مگر هڪ وڏي وقفي بعد بورڊ جي ميمبر ٿيڻ تي، مون اهو ٺهراءُ ڏنو ته: جامع سنڌي لغات جي ٻئي ايڊيشن تي ڪم شروع ڪيو وڃي ته جيئن غلطيون درست ٿي وڃن. ان لاءِ آءٌ بدستور خدمت طور تحقيق ۽ تصحيح ڪندس.

ٺهراءُ منظور ٿيو ۽ ڪم شروع ڪيو ويو. پر وري مون کي بورڊ کان الڳ ڪيو ويو ۽ پڙ هلندڙ ڪم بند ڪيو ويو. افسوس ٿيو پر صبر کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو.

پر هاڻي وقت هٿان پئي ويو ۽ خدشو هو تہ شايد جامع لغات ائين غلط چپيل ئي رهجي وڃي! انهيءَ ڪري، جڏهن ممتاز علي پٺي صاحب جي نگران حڪومت بورڊ جي نئين سر تشڪيل ڪئي ۽ محمد ابراهيم جويو چيئرمين ۽ غلام رباني آگرو سيڪريٽري مقرر ٿيو تہ مون مناسب سمجهيو تہ ساڻن ملي ڪين هن مسئلي جي اهميت سمجهايان. آءٌ پاڻ بورڊ جي آفيس ۾ ويس ، ساڻن مليس ۽ نهايت دردمندانہ ۽ موثر لفظن ۾ ڪين آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم تہ جامع لغات جي پئي ايڊيشن تي جيڪو ڪم هلندڙ هو سو وري جاري ڪيو وڃي. ان لاءِ آءٌ بدستور بنا ڪنهن معاوضي جي خدمت طور تصحيح ۽ تحقيق جو ڪم ڪندس. باقي فقط مواد جي اتاري لاءِ بہ ڪارڪن 'پارٽ ٽائمر' طور رکيا وڃن. اهو ٻڌي چيئرمين صاحب مان ۾ رهيو باقي آگري صاحب منهنجي گذارش کي درگذر ڪندي، چٽن لفظن ۾ مونکي ذهن نشين ڪرايو تہ: "ڈاڪٽر صاحب! اوهان جيڪو بورڊ اڳ ڏنو هو سو باقي نہ رهيو آهي. اهو ڪم ئي نہ سگهندو ڇاڪاڻ جو هن وقت بورڊ جي اها حالت آهي جو ملازمن کي پگهار ڏيڻ لاءِ بہ پئسو ڪونهي".

اهو نهايت نااميدي وارو جواب هو جنهن ڪري مون فيصلو ڪيو تہ آءٌ پاڻ پنهنجي سر لغات جي غلط چپيل جلدن تي ويهي ڪم ڪريان ۽ ايترو ڪريان جو ڪم از ڪم گهٽي پاڳي غلطيون درست ٿي وڃن: ان کان پوءِ جي حياتي وفا ڪئي تہ وڌيڪ تصحيح ۽ تحقيق جو مرحلو پورو ڪيو ويندو.

هن سالن جي محنت بعد جڏهن آڏ ڪن ڪم پورو ٿيو تڏهن مون ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري کي لکيو تہ چپائي لاءِ انتظام ڪيو وڃي. اتان منهنجي اها گذارش وري بورڊ ڏانهن موڪلي وئي پر ڪو خاطر خواهہ جواب نہ مليو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان لغات جي هن نئين سر درست ڪيل ايڈيشن کي چاپڻ جي آڇ آئي جيڪا مون قبول ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان مواد ڪمپوز ڪرائڻ ۽ پروفن پڙهڻ جو انتظام ٿيو جو خير سان هي پهريون جلد ڇپجي رهيو آهي.

غلط چپيل جامع سنڌي لغات جي درستي هڪ قومي قرض هو جنهن جي ادائگي، باوجود وڃ وارن رولن رندڪن جي، آخرڪار منهنجي حياتي ۾ ئي رهي آهي. مونکي اطمينان آهي تہ ڪم از ڪم نوي في صد غلطيون درست ٿي ويون آهن. اڪيلو ماڻهو ايترو ئي ڪجهہ ڪري سگهي تو. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ۽ ڪنهن اداري سنڌي ٻوليءَ جي جامع لغات جي اهميت کي محسوس ڪري ان کي نئين سر شايع ڪيو تہ ٽيون ايڈيشن پوري تحقيق ۽ تصحيح سان شايع ٿيندو. هن پئي ايڈيشن کي پنجن جلدن بدران ٽن جلدن ۾ شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو ويو آهي تہ جيئن خرچ ۾ تخفيف ٿئي ۽ پڙ سنپالڻ ۾ سهولت ٿئي.

آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڈاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي ۽ سندس عملي جو شڪر گذار

آهيان جن هن پهرئين جلد کي شايع ڪرڻ جو انتظام ڪيو. مختيار احمد بلوچ جيڪو سنڌي ڊڪشنري ۽ شاھ جي رسالي جي ڪم ۾ برجستو ڪارڪن رهيو هو تنهن منهنجي رضا خاطر هن جلد جي پهرين ۽ پروفن پڙهڻ جو بار ڪنيو. ۽ آخري پروف جو ڏسو سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري جي عملي جي حوالي ڪيو. اهو وڏو ڪم آهي انهيءَ ڪري پروفن سببان کي جزوي ڇڪون نظر اچن تہ سڄاڻ پڙهندڙ پاڻ انهن کي درست ڪن.

علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
20 جولاءِ 2004ع

خادم العلم
نبي بخش

الف

• اَ: ذ. [ع.ف] سنڌي، عربي، فارسي 'الف_ ب' جو پهريون اکر. لکڻ ۾ عمود صورت ۾ اچار 'الف'. لفظ ۾ حرف متحرڪ جي صورت ۾ نالو 'همزة'، ۽ ساکن يا بي آواز واريءَ حالت ۾ 'حرف علت'. ا، ى، ي جو حامل "آ، اِيُ، اي، اَيْ، او، اَوْ اُو". اِمالہ جي حالت ۾ 'ي' سان تبديل ٿيندڙ "رڪاب > رڪيبَ، حساب > حسيب". فارسيءَ ۾ صيغهء امر جي آخر ۾ فاعل واسطي ڪم ايندڙ "دان > دانا، بين > بينا". الف اتصال طور ڳانڍيلي واسطي استعمال ٿيندڙ "رنگا رنگ، لبالب، مالا مال، گوناگون". الف عطف جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ "شباروز، راتيان ڏينهن". ندبه واسطي استعمال ٿيندڙ "دريغا!، حَسرتا!، دردا!". ندا واسطي ڪم ايندڙ "شاها!، ڪريما!، جانا!". لفظ جي اَول، وچ يا آخر ۾ زائدڻي ڪم ايندڙ "افروغ <فروغ، اسکندر < سڪندر، نمڪ خوار < نمڪ خور، ستمگار < ستمگر، پارسا < پارس". مفعول لاءِ ڪم ايندڙ "گوارا، پزيرا". سنسڪرت ۾ مذڪر جي پويان اچي مونث بنائيندڙ نشاني 'ڪرشن > ڪرشنا، موهن > موهنا". سنڌيءَ ۾ امر استقباليہ جي آخر ۾ جمع واسطي ڪم ايندڙ "سُڃ > سڃجا، ڪج> ڪجا، وڃ>وڃجا". اِشباع طورقافيي ۾ ڪم ايندڙ "سارافا، تعريفا". هڪ جي بدران ڪم ايندڙ نشاني. ابجد موجب عدد هڪ. علم نجوم ۾ 'ثور' جي نشاني. 'اللّٰهُ' جو پهريون اکر. جنهنکري اصطلاحاً 'الف' بمعنيٰ 'اللّٰه' "اوڏو ٿي الف کي من ميم سين گڏ" (روحل). (صفت) بنا نقطي خالي هئڻ سبب بمعنيٰ اڻ ڏِکيل ـ نانگو – اڳهاڙو. عمود وانگر/پو سڌو هئڻ سبب بمعنيٰ سنئون – سڌو – اُپو.

• اَ: صفت [سن. اَنَـ =اڻ پورو، پڇل] اڻ – بنا – سواءِ. 'اڻ' جو مخفف "اڻ ميو> اَميو، اڻ جاڻ > اَجاڻ". اسر يا صفت جي اڳيان اچي انڪار جي معنيٰ ڏيڪارينڊ يا ابتي معنيٰ ڏيڪارينڊ "اڳياڙي" "اَملهه، اَوير، اَپاڳو، اَبوجهه". سَ ۽ سُ، اڳياڙيءَ جو ضد.

• آ: ذ. ڪنهن ڏڪ لڳڻ سبب وات مان نڪتل آواز "آها". قياس جي اظهار ڪرڻ لاءِ همدرديءَ جو آواز. افسوس يا شرمساريءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ آواز. يادگيريءَ جي اظهار جو آواز "هَا". راڃيندڙ جي وات مان ڳائڻ کان اڳ سُر ملائڻ خاطر نڪتل آواز. 'اچڻ' مصدر مان امر واحد حاضر جو صيغو "آءِ_ اَچ!". هر ڪاهڻ وقت ڏِڳن کي ورائڻ لاءِ ڪم ايندڙ آواز "وري اچ! _ موٽ!". ڪنهن غائب ٿيل شيءِ کي گهرائڻ لاءِ بازيگر جي وات مان نڪتل آواز. ٻيلهاڙي راند ۾ جهليندڙ همراهه جي للڪار. (سنسڪرت ۾ ظرف) جوڻطرف – چوڌار – آسپاس. جڳهءِ طرح. (فعل) 'آهي' جو مخفف "ساجن! انهيءَ سور جي، ڪل نہ آ ڪنهن کي" (شاهه).

• آآ: اَمر. [سن. آيَـ=اَچڻ] اَچ _ آءِ آ. (ذ). (ڪڪڙن، ٻالين يڪين وغيره کي) سڏڻ جو آواز.

• آبَ ج آبَ: ذ. [فـ. آبْ؛ سن. ١. آپْ < اَپْ = پکڙڻ، ٢. آو ا= مڪان جو ٻاڦي. آسماني (برسات جو) ٻاڦي] ٻاڦي – نِيُر – جَل ٽِ. لهريون، لَس ليٽ، جت اَنت نہ لهي آب جو" (شاهه). مينهن – برسات – بارش "ونو آب اگونڊرو". اکين جو ٻاڦي – لڙڪ ــ گوڙها "آڏيو آب اکين مان، ڏيهه کي ڏيکارين" (شاهه). بَحَرَ – سَمُنڊ. درياءَ "پاڻ اُجلي آب ۾ ... الخ" (شاهه). شرابہ ترار يا ٻاڦي ٽکي اوزار تي چڙهيل ٻاڦي – جوهَر. تيزاڻي – ٽکاڻي(ترار وغيره اوزار جي) "آبَ شل اُتري نہ ڪنهن دم. دوست جي تلوار جو" (واصف). (سون، هيري، لعل، وغيره قيمتي پٿرن جو) اوجَر_ چلڪ – تجلو. مانُ – شانُ – عزت "آب وارو ماڻهو". ديد –شرم. يهودين جي يارهين مهيني جو نالو (15 جولاءِ کان 15 آگسٽ تائين، جنهن جي پهرين تاريخ حضرت هارون عليه السلام جائو هو). آبڪلاڻيءَ وارو مهينو.

– آبُ آبْ: ذ. ٻاڦي ٻاڦي. ڦڙا ڦڙا. (صفت) پگهر ۾ ٻڏل – پگهر ۾ شل.

– آبُ آبُ ٿيڻ: ٻاڦي ٻاڦي ٿيڻ. شرم کان منهن يا پيشانيءَ تي پگهر جو ڦڙن جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ. لجي ٿيڻ – شرمسار ٿيڻ. پگهرجڻ. (اکين ۾) رئڻ جو ٻاڦي اڇڻ – لڙڪ پرجڻ "لکون يا ڳالهائڻ وقت پيشانيءَ تي اُداسيءَ موتي ڦڙا پيدا ٿيڻ. طبعي تڪليف کان يا محنت کان پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا پيدا ٿيڻ."

• آبَ اَچل: ث. ٻاڦيءَ جي گهٽائي سببان، زورائتي وهڪ يا اٽل. گهٽي مينهن سببان درياءَ جي زورائتي وهڪ ۾ پٽن پوئن تي زورائتي اوٽ "آندئين آب اچل، موڪل تي مينهن، ڪي" (شاهه). اکين مان گوڙهن يا لڙڪن جي گهٽي وهڪ. "سيئي ساريو سومرا، اچي آب اچل" (شاهه).

– آبَ آڻڻ: لڙڪ وهائڻ –روئڻ – هنجون هارڻ "آڏيو آبَ اکين مان، ڏيهه کي ڏيکارين" (شاهه).

– آب آتش: ذ. باهه جو ٻاڦي. گرم ٻاڦي. رت جا گوڙها. گاڙهو شرابہ

– آب آهَن: ذ. لوهه جي اوزار تي چاڙهيل ٻاڦي.

– آب اَحمَر: ذ. گاڙهو ٻاڦي. شرابہ

– آب اَرْغَوانْ: ذ. گاڙهو ٻاڦي. گاڙهو شرابہ رت جا گوڙها.

ـ **آبُ اَرتو:** ذ. بنا بِنَالڙڪ -- مسلسل وهندڙ ڳوڙها. ڳاڙهو پاڻي. رت جاڳوڙها "آبُ اَرتو اکڻين. لڙڪ وهائين لال" (شاهه).

ـ **آبُ اَنارُ:** ذ. ڏاڙهُونءِ جو پاڻي. شراب.

ـ **آبُ اَنگُور:** ذ. انگورن جو پاڻي. شراب.

ـ **آبُ اوتڻُ:** پاڻي نائڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ -- لڙڪ وهائڻ.

ـ **آبائتو ج آبائتَا:** ذ. صفت. عزت وارو -- شان وارو -- ماڻائتو.

ـ **آبائتو ٿيڻ:** عزت وارو ٿيڻ. عزت حاصل ڪرڻ -- مان لهڻ.

ـ **آبِ بَارَانْ:** ذ. مينهن جو پاڻي.

ـ **آبِ بَسْتَهْ:** ذ. جميل پاڻي. برف. بارو.

ـ **آبِ بَقَا:** ذ. همیشه جيئرو رکندڙ پاڻي -- آب حيات -- امرت جَل.

ـ **آبُ پِري اَچڻُ:** اکين جو پاڻيءَ سان پرڻ اڇڻ -- رُئڻ هارکو ٿيڻ.

ـ **آبُ پِريُ اَکُ:** ث. ڳوڙهن پري اکه. عزت ۽ ڏيا واري آک -- آبدار آک.

ـ **آبُ تابُ:** ذ. دٻدبو -- حشمت -- رعب -- شان شوڪت. تجلّو -- جهلڪ. رونق. پيڪو -- ٽڪ.

ـ **آبِ تَلْخ:** ذ. ڪڙو پاڻي. شراب.

● **آبُ ٿيڻ:** پاڻي ٿين آلو ٿيڻ، ٺري پوڻ. ٽڏو تي پوڻ "سوئي بارج مع، جو آنشا آب ٿيي" (شاهه).

ـ **آبِ پاشِيْ ج آبپاشِيُون:** ث. پاڻيءَ جي چنڪار.

ـ **آبِ پائڻُ:** عزت حاصل ڪرڻ. مان لهڻ.

ـ **آبِ جَرا:** ذ. ڳلن تي رُئڻ جا نار -- لڙڪ "آب جَرا اَٽلي وَڙهَا، ويرُونُ ڪري واهه"

ـ **آبِ جَزر:** ث. لاهواري ويڑ -- اَلَڙ ويڑ -- لهندڙ ويڑ -- Ebb_tide.

ـ **آبُ جَل:** ذ. داڻو پاڻي -- جُوٽو. رزق. هنڌ ڪي اِصطلاح ۾ ڪفن دفن.

● **آبِ جو:** ث. نهر. واه.

ـ **آبِ جوشُ:** ذ. ٽهڪيل پاڻي. جڪايل پاڻي. پاڻيءَ ۾ ٽهڪايل شيءِ "آب جوشي يا جوشي جانور". پسار جي شين جو ڪاڙهو. شوروو -- رهو -- رَسُ. آچار تيار ڪرڻ جو ٿانءُ. سوڊا پاڻي -- Soda_water.

ـ **آبِ جُوئي:** ث. پاڻيءَ جي ترائي (جتي هيٺاهين زمين هجڻ سبب پاڻي بيهي رهي).

ـ **آبُ جهلڪُ:** بي عزت ٿين.

ـ **آبِ چَشمُ:** ذ. اک جو پاڻي -- اکين جو آب. ڳوڙها -- لڙڪ.

ـ **آبِ حَرامُ:** ذ. حرام ڪيل پاڻي -- شراب.

ـ **آبِ حَسرَت:** ذ. ٽمڻا -- خواهش.

ـ **آبِ حَنْظَلْ:** ذ. ٽوهه جو رَس. ڪڙو پاڻي.

ـ **آبِ حَيَا:** ذ. حياءَ ٿيڻ وقت منهن مان نڪتل پاڻي -- شرم جو پگهر.

ـ **آبِ حَيَاتُ:** ذ. حياتيءَ جو پاڻي. اُهو پاڻي جنهن جي پيئڻ سان دائما زندگي حاصل ٿئي -- آب بقا -- امرت جلَ -- آب خضر. ٽڏو ۽ منو پاڻي. (اصطلاحاً) ڪاب اهڙي شيءِ جا زندگيءَ کي جاودان بنائي. [محمد حسين آزاد جو اردو شاعرن بابت لکيل ڪتابه]

ـ **آبِ خِضرُ:** ذ. خواجه خضر (عليه السلام) جو پاڻي (جيو وجي ٿو ته بحر ظلمات ۾ خواجه خضر اهو پاڻي وجي پيتو جنهنڪري دائما زندگي مليس. جنهن جي ڳولا ۾ سڪندر ڪوشش ڪئي مگر اهو پاڻي حاصل نه ٿيس). آب حيات.

ـ **آبِ خُنْجَرُ:** ذ. خنجر جي ڌار.

ـ **آبُ خورو:** ذ. پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ (خاص ڪري اُهوٽانءِ جنهن جي ڳچي سوڙهي هجي). خُمرو -- ٽپو.

ـ **آبدارُ:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو -- پاڻي رکندڙ. واهن جي پاڻيءَ جو سنڀاليندڙ نديو عملدار. پاڻي پياريندڙ -- ساقي. ڳوڙهن سان پريل "آبدار اک". پاڻيٽ ۽ رطوبت وارو. پاڻيءَ چڑهيل -- تيز "خنجر آبدار". چمڪندڙ "آبدار موتي". نفيس. خوبصورت.

ـ **آبدَاريُ:** ث. آبدار جو ڪم. پاڻي رکڻ ۽ پياريڻ جو ڪم. تيزي -- تڪائي. چمڪ. خوبصورتي. مضمون جي خوبي. خوش بياني.

ـ **آبُ داڻُو:** ذ. داڻو پاڻي -- انَ جل ڪاڏو پيتو. رزق. روزينو. قسمت -- نصيب.

ـ **آبُ داڻُو بَنْد ڪرڻُ:** داڻو پاڻي بند ڪرڻ.

ـ **آبُ داڻُو کُٹَڻُ:** حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ. حياتيءَ جووقت پورو ٿيڻ. مري وڃڻ. مسافري ڪري هڪ هنڌ کان پئي هنڌ وڃڻ "هاڻ منهنجي دل ڪجي ويئي ديس کان. جڏ جمن مان آب داڻو ويو ڪجي."

ـ **آبُ داڻُو کَلَڻُ:** قسمت کلڻ.

ـ **آبُ داڻي جِي چڪ ٿِيَڻُ:** رزق جي ڪشش کان ڏوراهن ڏيهن تي وڃي نڪرڻ. يا ڏوراهين پنڌ تان وطن يا منزل تي اڇي پهچڻ.

ـ **آبُ داڻي جِي گَالهِ هُئَڻُ:** تقديري معاملو يا لکيو هڻڻ.

ـ **آبُ داڻي جِي هٿ ۾ هُئَڻُ:** تقدير جي وس ۾ هُئڻ.

ـ **آبِ دَسْتَهْ:** ذ. هٿن ڌوئڻ جو ٿانءُ -- گينڊي -- چلمچي. استنجا -- طهارت. وضو.

ـ **آبُ دوز:** صفت. پاڻيءَ هيٺ آيل -- بڏل -- غرق. پاڻيءَ جي اندران هلندڙ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (جا اندران وڃي دشمن جي جهاز کي ڏڪ هڻي ناس ڪري).

ـ **آبِ دَهَنْ:** ذ. وات جو پاڻي -- پڪ -- لعاب.

ـ **آبُ دِيدَهْ:** ذ. اکين جو پاڻي -- ڳوڙها -- لڙڪ -- هنجون.

ـ **آبُ دِيدَهْ:** صفت. اکين ۾ پاڻي پرڻ آيل -- رئڻ هارکو -- رئندڙ.

ـ **آبُ دِيدَهْ ٿِيَڻُ:** رئڻ هارکو ٿيڻ -- ڏکارو ٿيڻ -- دلگير ٿيڻ.

ـ **آبَ ڏِيڻُ:** عزت ڏيڻ ــ مانُ ڏيڻ. آبدار ڪرڻ ــ چمڪائڻ. بي عزت ڪرڻ.
ـ **آبَ رَکڻُ:** عزت رکڻ ــ پت رکڻ.
ـ **آبِ رَوانْ:** ذ. وهندڙ پاڻي. ڪپڙي جو هڪ قسم ــ سَنهي ململ جو هڪ قسم.
ـ **آبِريزُ:** ذ. ڇٽڪار لاءِ ٽانءُ ــ ڦُوهارو. ڏول. باڙدي. نيسارو. گندي پاڻيءَ جي ڪَڏ.
ـ **آبِ زَرْ:** ذ. سون جو پاڻي ــ ملمعو. سفيد شرابَ زعفران.
ـ **آبِ زُلالْ:** ذ. صاف ۽ مٺو پاڻي. عربستان ۾ واريءَ کي ڪوٽي ڪڍيل صاف پاڻي. (برف ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ڪينئون. جنهن جو نالو زُلال چون. اهو ڪيئون مقدار ۾ اڳر ڪان ڪجهه وڏو ٿئي. برفاني ملڪن ۾ ان کي نچوڙي ان جو رس پين).
ـ **آبِ زَمْزَمْ:** ذ. زمزم ڪوهه جو پاڻي (زمزم ڪوهه لاءِ ڇيو وڃي ٿو ته ٻيبي هاجره حضرت اسماعيل عليه السلام جي ولادت کان پوءِ اڄ سبب پاڻيءَ جي تلاش ۾ 'صفا' ۽ 'مروه' جبلن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي هئي. خدا جو شان! جنهن زمين تي حضرت اسماعيل ستو پيو هو. اتي سندس پيرن جي ڪڙين لڳڻ سبب پاڻي نڪري پيو. جڏهن پاڻي وهي هلڻ لڳو. تڏهن ٻيبي صاحبه ڪيس متيءَ جو ٻنوڙو ڏيئي چيو 'زم زم' يعني 'ٿم ٿم' يا 'ٻيهه ٻيهه'. جيئن ته هي حضرت اسماعيل عليه السلام جو هڪ معجزو آهي ۽ خانه ڪعبه ۾ به اهو پاڻي اڄا سوڏو صرف ٿئي ٿو. تنهن سبب مسلمان ان جي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ حاجي پنهنجي ملڪ ۾ تبرڪاً نيندا آهن. هڪ حديث موجب هي پاڻي مرضن واسطي آب شفا آهي).
ـ **آبِ سَبيلْ:** ذ. سبيل جو پاڻي ــ خدا ڪارڻ خيرات جو پاڻي (رستي تي مسافرن لاءِ رکيل).
ـ **آبِ سُرخْ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. شراب.
ـ **آبِ سِياهْ:** ذ. ڪارو پاڻي. اونهو پاڻي (جو تَر ۾ ڪاراڻ تي مائل ڏسبو آهي). نزلي جو پاڻي (جواکين ۾ پيدا ٿئي ۽ نظر لاءِ نقصانڪار آهي). شراب.
ـ **آبْشارِ آبْشارْ:** ذ. زور ۽ وڏي آواز سان (جبل تان) هيٺ ڪرندڙ پاڻي ــ سالارو. جبلن مان سڌو ڏڙندڙ پاڻيءَ جي زور سان (آواز ڪري هيٺ ڪرندڙ) وهندڙ نهر. زمين مان ڳوها ڪري نڪرندڙ پاڻي. جهرٽو.
ـ **آبْ شُمارْ:** ذ. پاڻيءَ جي ماپ ڏيڪارينڊڙ اوزار ــ Water Gauge.
ـ **آبِ شَمْشيرْ:** ذ. تلوار جي ڌار. تيزيءَ يا چمڪ.
ـ **آبْشَناسْ:** صفت. پاڻي سُجاڻيندڙ. زمين مان پاڻي ڳولي ڪڍڻ جو ماهر يا جاڻو. ڪاري مٽي پاڻيءَ جي زمين کي سُجاڻيندڙ ــ ڪوهاڻو. سامونڊي وهڪرن ۽ طوفان جي اهجاڻ کي سهي ڪندڙ ــ آزمودگار ملاح.
ـ **آبِ شورْ:** ذ. ڪارو پاڻي. سمنڊ جو پاڻي.
ـ **آبِ شيرينْ:** ذ. مٺو پاڻي. درياهه، ڪوهه يا ڪنهن نهر جو پاڻي.
ـ **آبْڪارِ آبْڪارْ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو ڪم ڪندڙ. پاڻي پريندڙ ــ پخالي. پاڻي پيارينڊڙ ــ ساقي. شراب فروش. شراب چڪائيندڙ. ڪَلالْ. جوهر صاف ڪندڙ ــ جوهري.
ـ **آبْڪاريْ:** ذ. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي رکندڙ ڪاتو. شراب چڪائڻ ۽ وڪڻڻ جو ڪم.
ـ **آبْڪاريِ ڪاتو:** ذ. نشيدار شين جي ٺهڻ ۽ انجي استعمال تي ضابطو رکندڙ ڪاتو.
ـ **آبَ ڪُرانيْ:** ٿ. آبَڪلائي.
ـ **آبَ ڪري اَچڻْ (ل):** بدن ۾ پرجڻ ــ متارو ٿيڻ. مال جو جهنگ چَريُ سڏائو ٿي اچڻ.
ـ **آبْ ڪُشْ:** ذ. صفت. پاڻي ڪيندڙ. پخالي. (ذ) مالهه جو لوٽو. ڪوهه جو ڏول.
ـ **آبَ ڪَلائيْ:** ٿ. پاڻيءَ جي گهٽائي. پاڻيءَ جي جاڙهه جي موسم (مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ وارو عرصو). سانوٽيءَ جي موسم. اَڏَل ــ ٻوڏ.
ـ **آبَ ڪَلائيِ ڪاتو:** ذ. پاڻي ۽ واهن جَي سنيال ڪندڙ ڪاتو ــ انجنيئري ڪاتو.
ـ **آبِ ڪوثَرْ:** ذ. ڪوثر جو پاڻي (جيو وڃي ٿو ته بهشت ۾ ڪوثر نالي هڪ چشمو آهي). مٺو ۽ ڏڍو پاڻي.
ـ **آبِ گِرِهْ:** ذ. ڳوڙها ــ لَوڪ ــ هَنجُون.
ـ **آبْ گِلْ:** ٿ. پاڻيءَ مٽي. طبيعت ــ سرشت. بنياد.
• **آبِ گَطَرنگْ:** ذ. ڳاڙهو شراب. ڏسو "آب گلِگون".
ـ **آبِ گَلگُونْ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. ڳاڙهو شراب.
ـ **آبِ گوشْتْ:** ذ. گوشت جو پاڻي ــ ماءُ اللحم.
ـ **آبگونْ:** صفت. پاڻيءَ جي رنگ جهڙو. (ذ) اک جو ڳوڙهو ــ لَوڪ "هي آبگونا اکين مان منهنجا لُوڪ ڪيوتہ لهن" (مولوي ٻُڌائي).
ـ **آبِ گوهَرْ:** ذ. موتيءَ جو پاڻي. موتيو پاڻي.
ـ **آبِ مِ اَچڻْ:** بيماريءَ يا ضعيفيءَ بعد ڪنهن جڳيريءَ حالت ۾ اچڻ. سڌريل حالت ۾ اچڻ. سامت ۾ اچڻ.
ـ **آبِ مَرواريدْ:** ذ. موتيو پاڻي. نزلي جو ڪارو پاڻي.
• **آبِ مطلق:** ذ. جڙيو پاڻي (ميهنهن، درياءَ، الڙ ۽ جروغيره جو)
ـ **آبِ نُقْرَهْ:** ذ. چانديءَ جو پاڻي. گلٽ جو پاڻي.
ـ **آبنوشْ:** ذ. پيئڻ جو پاڻي.
ـ **آبَ نَيْسانْ:** ذ. وڏڙو مينهن (جو مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ بعضي ڏينهن ڳڙڻ جي صورت ۾ وسي. جون ٿا ته انهيءَ مينهن جي ڦڙن جهٽڻ ڪري سپن ۾ موتي پيدا ٿيندا آهن. ڏسو 'جانجڙو مينهن' يا 'نَيسان').

ـ **آبُ وَتاب:** ذ. آب تاب.

• **آب‌ءِ وجنْ:** عزت وجڙ ـ شان وجڙ. (منهن جي) رونق وجڙ.

• **آب و دانه:** ذ. [ف] ڏسو "آب دانو".

ـ **آبُ هَوا** ج **آبُ هَوائُونْ:** ث [ف.آب و هوا] پاڻيءَ ۽ هوا جي ڪَڏيل ڪيفيت. ڪنهن ملڪ يا شهر جي موسمي يا طبعي حالت. موسم ـ مُنڊ.

ـ **آبُ هَوا بَدلائِڻُ:** صحت سانگي ڪنهن خاص شهر يا مُلڪ ڏي وڃڻ ـ هوا بدلائڻ.

ـ **آبُ هَوا بَدلاجُڻُ:** موسم جو بدلجڻ ـ موسم جي تاثير ۾ فرق اچڻ.

ـ **آبُ هَوا بگڙڻُ:** موسم جو خراب ٿيڻ.

ـ **آبُ هَوا پَاڻَ وَرڻُ:** هوا ۽ پاڻيءَ جو طبيعت کي پسند اچڻ ۽ صحت لاءِ مفيد ثابت ٿيڻ ـ آب هوا جو طبيعت موافق ٿيڻ.

ـ **آبِي ج آبِيُ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو ـ پاڻيءَ وارو. پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جانور). ڏڏو.

ـ **آبِيَار:** ث. مينهن جي ڪوتيل ننڍن ـ ڇابلو نهر ـ واهي. واهه. ڪوير ـ ڪسي.

ـ **آبِيَارُ:** ذ. زمين کي سائو ۽ آباد ڪندڙ پاڻي. (صفت) وٽن ۽ ٻنين کي پاڻي ڏيندڙ.

ـ **آبِيَارِي:** ث. وٽن وغيره کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم ـ آب پاشي. ريج جو پاڻي پڪيءَ جو هڪ قسم ـ پاڻيءَ جي سطح مٿان آکيرو ٿاهيندڙ هڪ نديڙو پکي.

ـ **آبِيائو:** ذ. پاڻيءَ تي ٻڌل هڪ قسم جي ڍل (جا سڀني جاگيردارن ۽ زميندارن کان ورتي وڃي).

• **آ ـ بَا:** ذ. الف ب جي "مدّ" سان هجي. الف ـ ب جي مدّ سان هجي جا تڪرا.

• **آباچي آباچي:** ث. اچو آب ـ اچو اجرو پاڻي. ڪنهن ڏنڊ يا وڏي ٽلاءَ جو نالو "اتان ٽي عنات ڇڻي، آباچي ۾ آءُ" (شاه عنات).

ـ **آبَادُ:** صفت. [ف] سر سبز (پاڻيءَ جي ڪري) ـ سائو. پاڻي. ساوڪ ۽ ماڻهن جي ڪري وسايل (ملڪ) ـ وسندڙ ـ وَسيل ـ برسيل. پوکيل. وڏندڙ. تروتازه. خوش خُرّم ـ خوش ـ شاد "شل آباد هجين!". (اسم خاص) ڪنڊياري. جيڪب آباد. ڏوڪري. سيوهڻ. ڪوٽڙي. ميهڙ. واره. روهڙيءَ ڪوٽ ڏيجيءَ تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

ـ **آبَادَانْ:** صفت. تمام گهاٽو وسايل (ملڪ) ـ ماڻهن سان پريور.

ـ **آبَادَانِي:** ث. سرسبزي ـ ساوڪ ـ آبادي. پوک. وَسْنُڪُ ـ بستي. رونق. خوشحالي.

ـ **آبَادُ ڏيڻُ:** ڪنهن زمين جو پوکي هيٺ اچڻ. ڪنهن مُلڪ. شهر يا ڳوٺ جو وسڻ. سُڪيو ٿيڻ ـ آسودو ٿيڻ.

ـ **آبَادُ ڏِسڻُ:** ڪنهن ماڻهوءَ کي خوش ڏسڻ. ڪنهن بستيءَ کي وسندو ڏسڻ. سُڪيو ڏسڻ. سر سبز ڏسڻ.

ـ **آبَاد رَهڻُ:** سر سبز ۽ وسيل رهڻ. خوش رهڻ. برقرار رهڻ ـ سلامت رهڻ.

• **آبادڪارُ:** ذ. صفت. آباد ڪار.

ـ **آبَاد ڪَارِيُ:** ث. آبادڪاري.

ـ **آبَادُ ڪَرڻُ:** ڪو شهر يا مُلڪ وسائڻ. (ڪنهن ڳوٺ ۾ ماڻهو) رهائڻ. هاريءَ جو زمين پوکڻ. سر سبز ڪرڻ.

ـ **آبَاد گَارُ** ج **آبَادگَارُ:** ذ. صفت. ويران زمين کي آباد ڪندڙ ـ زمين پوکيندڙ. ڪَرَمي ـ هاري. وسندڙ ـ رهندڙ. آبادڪار.

ـ **آبَادگَارِيُ:** ث. آبادي ۽ جو ڪم ـ ڪيتي ۽ جي ڪرت ـ ڪَرَمت ـ ڪاشت گاري.

ـ **آبَادُ هُجَڻُ:** وسندڙ هجڻ. پوکيل هجڻ. خوش هجڻ.

ـ **آبَادِيُ** ج **آبَادِيُونْ:** ث. وسنديءَ واري جاءِ ـ بستي ـ وسنڪ. پوک. آدمشماري. سُک ـ آرام.

ـ **آبَادِيُ ٿِيڻ:** (جملو) وڏي گاله ڪاڻ ٿي.

ـ **آبَادِيُ ڪَرڻ:** پوک ڪرڻ. نامياريو ڪم ڪرڻ. (طنزاً) سوپ ڪرڻ. ڪجهه نه ڪرڻ.

• **آباد پانهجو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد جَاگِيرُ:** اسم خاص. گوٺي. روهڙي. ڪڙ ۽ سکر تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **آباد جَمّل:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد ريو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آباد مَهْلاڻِي:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آبَاءُ:** ذ. [ع. آب ج آباء] آبا ـ پيءُ ـ پيئر. ابا ڏاڏا. وڏا (اڪثرڪري لفظ "اجداد" سان گڏ استعمال ٿيندڙ "آباء و اجداد").

ـ **آبَاءُ سُفْلِيُ:** ذ. هيٺيان آبا. علم نجوم موجب ٽئر زمينون يا ان جي تهن جا قسم. ٽئر دوزخ. پوتن ۽ ديون جون ٽئر ٻيڻڪون.

ـ **آبَاءُ عُلْوِيُ:** ذ. مٿيان آبا. ٽئن ديوتائن جا ٽئر آسمان. ٽئر سرگ (بهشت). نظام شمسيءَ جا ست تارا(جي سڃ ۽ چند سميت ٽئر ٿيا). ست تارا. ست آسمان.

ـ **آبَاءُ وَ أَجْدَادُ:** ذ. آبا ڏاڏا ـ پيءُ ڏاڏا. وڏا. بزرگ.

ـ **آبَائِيُ** ج **آبَائِيُ:** صفت. وڏن کان ورثي. آبائو. موروثي.

ـ **آبَائِيُ أَجْدَادِيُ:** صفت. ابائو ڏاڏائو. موروثي ـ بنيادي.

ـ **آبَائِيُ حَقُّ:** ذ. وڏن جو حق. خاندااني ورثو.

• **آبَتَ** ج **آبَتُونُ(ل):** ث. [ف.آب = پاڻي] پاڻيءَ جا ڏينهن ـ آبڪلائيءَ جا ڏينهن. سانگهاري. جا ڏينهن ـ پاڻيءَ جي چينهري. جو وقت (جڏهين ڪڙين ڪسين جي ڪاڻيءَ لاءِ پيڙ جي ضرورت ٿئي). پاڻيءَ جي ڪاڻيءَ جي ونگار ـ پاڻيءَ جي پيڙ. ڪيتيءَ جي ڪم ۾ هڪٻئي جي مددگاري ـ پيڙ ـ ونگار. ڪم جي ڪوٽ ـ سڏ ـ هڪل (ل).

بنا اجوري مزدوري (جنهن ۾ ڪمين يا ڪاسبين کي رڳو ڪاڏو ڪرائجي).

ـ **آبتائو ج آبتائا:** ذ. صفت. ونگاري پوهيت (جنهن کي اجوري ۾ رڳو ڪاڏو ملي) – آبتُو.

ـ **آبتُ ڪرڻ:** سوال تي ڪم ڪرائڻ لاءِ ماٿهو گڏ ڪرڻ – ونگار ڪرڻ.

ـ **آبتُوج آبتوُ:** ذ. صفت. آبت وارو.

• **آبتُ ج آبتُونْ (ت، ل):** ث. آبت.

• **آبدو ج آبدَا:** ذ. آپت يا آبت جو سڏ. ڪفن دفن جو ميڙ "آبدو اميرِ. مارو ڪندا. مارئيا".

• **آبدار:** اسم خاص. ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آبدارُ:** ذ. بازدارن جو لفظ. باز کي صبح بک وڃهڻ (ائين) کان پوءِ ڏنل ڪجهه ڪاڏو

• **آبدانُ ج آبدانَ:** ذ. [ف] پاڻيءَ لاءِ ٽانڊ، حوض. جانور جو پتو. درياءِ ملاح. بحري مسافر.

• **آبدَسْت:** ذ. [ف. آب = پاڻي + دسْت = هٿ] هٿ ڌوئڻ جو ٽانءُ (گيندي يا چلمچي). وضو – غسل.

• **آبرائِي ج آبرائِيَ:** ذ. صفت. [ف.آبراني = جنّ واري چرپائي: جنّ ڪيڏ جو ڪم] جنّ ڪيندڙ – جنائي – ديوگيرُ – پويو. (اسم خاص) سُرندائي فقيرن جو هڪ گروه (جي سُرندو وڄائي ماٿهوءِ جي جنّ ڪيڏ جو بهانو ڪن).

• **آبرُ:** ث. [ف. آب + رُوْ] منهن جو پاڻي ـ مُنهن جي رونق. عزت – مان ـ شان. رتبو – درجو. لج – شرم – حياءِ. عصمت. اعتبار – پت.

ـ **آبرُوْ بَچائڻُ:** عزت بچائڻ – ننگ ناموس بچائڻ.

ـ **آبرُوْ برباد ڪرڻ:** عزت وڃائڻ – شان وڃائڻ. پت ڪار وڃائڻ.

ـ **آبرُوْ بوڙڻ:** آبرو برباد ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ تي پاڻي ڦيرڻ:** آبرُ بوڙڻ. بدنام ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ تي ڏڪو لاڻڻ:** عزت برباد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ.

ـ **آبرُو تي حرف اُچڻ:** ناموس کي ٽڪو لڳڻ. پاڪدامني ۾ خلل پوڻ.

ـ **آبرُوْ ٽڪي جِيْ ٿِيَڻ:** عزت تمام گهٽ ٿيڻ. سخت بيعزتي ٿيڻ. نهايت بدنامي ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ ڀاڻڻ:** عزت لهڻ – مان پاڻڻ. درجو حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ پيدا ڪرڻ:** مان وڌائڻ. ناموري حاصل ڪرڻ. اعتبار حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ جي پُلياڻُ ٻوڙ:** عزت وڃائڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ جهلَڻ:** بي عزتو ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ خاڪ ٿيڻ:** عزت متيءِ ۾ ملڻ – عزت تباه ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ خاڪ ۾ ملائڻ:** عزت وڃائڻ – آبرو بوڙڻ " ننگ ناموس برباد ڪرڻ.

ـ **آبرُوْدارُ ج آبرُوْدَارَ:** ذ. صفت. آبرُوْ وارو – عزت وارو – مانائتو – معزز. مرتبي وارو.

ـ **آبرُوْ ڏيڻ:** عزت ڏيڻ – مانُ ڏيڻ. عزت ۽ مان بخشڻ. مرتبو وڌائڻ.

ـ **آبرُوْ ڏوڻ:** آبرُو نه رهڻ – آبرُو برباد ٿيڻ. عزت وڃڻ – ناموس ڇت ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ زَڪَڻ:** عزت رکڻ. پنهنجي پرائي عزت قائم ڪرڻ. لج رکڻ – شرم رکڻ. لحاظ رکڻ.

ـ **آبرُوْ رَهْجِيْ اُچَڻ:** عزت بچي اچڻ يا قائم رهڻ. عزت يا پت سان گذري اچڻ. خير جو وقت گذري وڃڻ.

ـ **آبرُوْريزِيْ:** ث. عزت وڃڻ جي حالت – بي عزتي.

ـ **آبرُوريزِي ڪَرَڻ:** مان لاهڻ ـ عزت وڃڻ. ناموس خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ سَلامَتُ رَهَڻ:** عزت بچڻ هميشه آباد رهڻ.

ـ **آبرُو قائِم رکَڻ:** آبرُو سلامت رکڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوڏيءِ جي ٿِيَڻ:** عزت صفا نه رهڻ. بي عزت ٿيڻ. بالڪل بدنام ٿيڻ. پت ڪار نه رهڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوهڻ:** آبروووڃائڻ ـ عزت وڃائڻ. پت وڃائڻ.

ـ **آبرُوْ ڪي ٽِڪو:** ذ.آبرُو کي داغ – عزت ۾ رخنو.

ـ **آبرُوْ ڪي ڪَڙهَڻ:** عزت جو اوتو رکڻ – (پنهنجي) عزت جو خير گهرڻ.

ـ **آبرُوْ لاهڻ:** بي عزت ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ. خوار خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُو ۾ خَلل وڃهڻ:** عزت ۾ رخنو وڃهڻ ـ بي عزتي ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ ۾ فَرق اُچَڻ:** عزت گهٽ ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ. بدنامي ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ وڃَڻ:** بي عزتي ڪرڻ. ذليل ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. عصمت خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ وڃائِڻ:** پت وڃائڻ. بي عزت ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ وڌائِڻ:** عزت وڌائڻ. مرتبو وڌائڻ. شان ۾ اضافو ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ وڪڻڻ:** عزت وڪڻڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ. ذليل ڪر ڪرڻ.

ـ **آبرُوْئِيْ:** ث. عزت – آبرُو – آبرائي.

• **آبريْ:** ث. صفت. [سن. اَبلاَ (= نه + بَلَ = بَلُ = بي زوري. هيٺي. اَبلاَ > اَبلاَ >اَبلِيْ > اَبريْ > آبريْ] اَبلاَ –ابريْ – ضعيف – هيٺي. اجايل (آب + ري). سڪايل. (ذ) شاهه جي رسالي ۾ هڪ سُرجو نالو. شاهه جي راڳ ۾ هڪ راڳڻيءِ جو نالو.

ـ **آبريْ لاهڻ (ت):** سُستي لاهڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **آبَرَ (ت):** اسم خاص. ابڙا قوم. ابڙا قوم جي بستي.

• **آبريْ:** ث. ڪاٺ جو گلدستو. (اسم خاص) هڪ ڳوٺ جو نالو. بدين. ڪمبر. گوني. حيدرآباد ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ (ابڙا قوم جي بستين تان پيل) ديهن جو نالو. آبريْ.

• **آبَسُ ج آبَسَ:** ذ. [ف. آب، = پاڻي + س] پيراءُ (لهر، ويڑ. درياءِ يا بدن

جو) – چارُ مُنهنْ جي رونق – مُنهنْ جو پاڻي – مُنهن جي تازگي – آبيسُ،شرم – حياءَ "فلاڻيءَ کي مُنهن ۾ آبسُ ئي ڪونهي".

• **آبَ گذارُ ج آبَ گذار:** ذ. صفت [فـ آبَ= پاڻي + گذارَ < گذاشتن =لنگهڻ] پاڻيءَ مان اڪاريندڙ. پاڻڻي. ٽيال لاءِ پٽڻ تي مقرر ڪيل قاصد – تڪڙو قاصد ڏند، ڊوري يا درياءَ وغيره جو پٽڻ.

• **آبگِيرُ:** ذ. [فـ. آب = پاڻي + گير < گرفتن = ونڊڻ] ترائي (جتي مينهن جو پاڻي ڪٺو ٿئي). جوءِ. حوض. تلاءَ. گهوڙي جي هڪ بيماريءَ جو نالو (گهٽي پنڊ ڪرڻ يا داڻي کارائڻ کان پوءِ. يڪدم پاڻي پيڻ ڪري گهوڙي جا سنڊ ونجي پوندا آهن).

• **آبگِينَهْ:** ذ. [ف] شراب جو شيشو. شراب جو گلاس. شيشو – آئينو – آرسي –ڪو.

• **آبلْ:** ذ. [ف] ٽوڪيندو – ڦرڪٽو – لڦ. ڦڙڪي. ڳڙ. ماتا جو داڻو.

– **آبلْ پا:** صفت. پيرن ۾ لڦون پيل. ڏکڻ.

– **آبلْ دل:** ذ. صفت. (عشق ۾) دل جو ڦٽيل. حاسد (جنهن کي ٻين جي رشڪ ۽ حسد وڃان دل ۾ ڦڙڪڻا ٿي پون).

– **آبلْ فرنگ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم – باد فرنگ.

– **آبَلِيْ ج آبَلِيُون (لس):** مذ [فـ. آبَ = پاڻي + لِي = واري] پاڻيءَ جي ڪلي – سانداري – اوٽي.

• **آبَناي:** ذ. [فـ. آبَ = پاڻي + ناي = ڪجي] ڳچي سمند.

• **آبنُوسُ، آبلُوسُ:** ذ. [ذ] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ ڪارو، نهرو ۽ قيمتي ٿئي). Ebony دوا طور ڪم ايندڙ ڪائي. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلر سنهڙو. سائي پيٽ تي اڇا ڪارا پٽا).

• **آبنوسي:** صفت. "آبنوس" مان ٺهيل. ڪاري رنگ جو – سياه.

• **آبَڻْ:** مصدر [فـ آب = پاڻي + ڻ = مصدر جي نشاني] آبَ ڏيڻ – پاڻي ڏيڻ – آلو ڪرڻ –پڄائڻ – پسائڻ "اپي ڪي آبيندي. لڏائون سنڊڙيءَ سار" (سجل). ڏوبين جي اصطلاح ۾ ڪپڙن کي آسري ڏيڻ يا کوڙ ڪرڻ مهل پاڻيءَ جو چندو هڻڻ يا وات سان پاڻيءَ جو ڦوهارو هڻڻ. موچين جي اصطلاح ۾ چمڙي کي نرم ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو چندو هڻڻ. (آبيو – آبيندو – آبيل).

• **آبنُوسُ:** ذ. آبنُوس.

• **آبُو:** ذ. [فـ. آب = پاڻي + او= وارو] پاڻي ڪڍيل چڊي ڪنگ جو ڇڪو – سڪو. ڪنگ.

– **آبو پاڻي ڪرڻ:** ڪنگ پيڻ – نشو پاڻي ڪرڻ. نيرن پاڻي ڪرڻ. ساهي ڪٺڻ – ڏڪ پڄڻ.

– **آبو پيڻُ:** ڪنگ پيڻ.

– **آبوشابو ڪرڻ:** نشو وٺي يا ڪنگ پي تازو ٿيڻ – نشو پتو ڪرڻ.

– **آبو ڪرڻ:** آبوييڻ. مال جو ڪائي پي ڏڪ ڪرڻ. مال جو وڍ ڪري ڪائڻ. جوپائي جو گهٽي ڏڪ سبب ڪاڏي ڏانهن نه نهارڻ. مال جو گهٽي ڪائڻ ڪري (اوڀر وقت) گاهه جا ٽڪرا وات مان ڪيرائڻ (ڪ) "ڙ آبو نه آبو، ائن اوڀاريو ڪيئن".

• **آبُوْ:** ذ. [ف] ڪُوٽيءَ جو گل. (اسم خاص) راجپوتانا ۾ هڪ جبل جو نالو – آبُو جبل.

• **آبُوْڻِي، آبُوْٽِي:** ٿ. [سن. ١. آ = چوڌاري + بُوسْڦا > بُوسْتَ = ٻوٽ. ٻوسٽ. گهٽ ٢. بَور = ساهه جي نلي + اسْتَ = جاءِ = ساهه ڪٺڻ لاءِ هوا جي نلي] سوڙهه – گهٽ – بٽ. ساهه ڪٺڻ لاءِ ناسُن واري جاءِ – ناڪيل جُونْ نليُون. مال جو مُنهنْ. خاص ڪري نڪ ۽ وات وارو حصو. مُنهن – ٻوٽ. ڪنڊ ڪلي واري حالت – هٺ – فخر.

• **آبُوْ جهلِيْ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڦلڦليو. آنن تي ٽهڪا ٽهڪا. ڪيس آرو ڪرڻ ڪونه اچي ان ڪري آنا ڪُڪڙ هيٺان رکي ڦوڙائجن). آبوجهَلِيْ – گِلِيْ خور.

• **آبوسُ:** ذ. بدن جي سوج – قيڇ – ٽولهه – آبوسُ. ڦڙڪي – ڳڙ.

• **آبوهَنْ:** مصدر . [فـ آب = پاڻي] پاڻيءَ هاتو ڪرڻ – پسائڻ – آبوهَڻ. (آبوهيو – آبوهيندر – آبوهيَلُ).

• **آبِيْ ج آبِيْ:** صفـ [فـ آب = پاڻي] آب جو – آب وارو – پاڻيءَ جو – پاڻيءَ وارو. پاڻيائو – گهميل – پسيل – مرطوبَ پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جانور. پکي، وغيره). (ث) آبپاشي ٿيندڙ زمين (جنهن تي موڪ پاڻي لڳي). پياڪ زمين. سيلابي پوڪ. وارياسي نهري زمين. طبيعت جو هڪ قسم (چئن طبيعتن مان هڪ طبيعت. آبي، خاڪي، بادي، آتشي). (ذ) رنگ جو هڪ قسم – هلڪو نيلو رنگ. پيالِيْ – وَنِيْ.

– **آبِيْ بُرْجَ:** ذ. علم نجوم موجب آسمان جي بارهن برجن مان آبي اثر رکندڙ بُرج (١. ورشچڪ = عقرب = وڇون. ٢. ڪرڪ = سرطان = ڪيڪڙو. ٣. مين = حُوت = مڇي).

– **آبِيْ حَرْفَ:** ذ. علم جفرجي قاعدي موجب ابجد جي حساب سان آبي عنصر جي درجي ۾ ايندڙ اکر "ج، ز، ڪ، س، ق، ث، ت، ظ"

• **آبِيسُ ج آبِيسَ:** ذ. [سن. آويشَ = ڪنهن شيءِ تي ڌيان ڪمائڻ] سخت جاڏ. محبت يا جنون. ڪنهن ڳالهه ڪي لاهي ياهي جنبڙي پوڻ جي حالت. دل جو پاڻي. محبت – چاڏ. ڪاوڙ – چڪ. خوشي. ميلان.

– **آبِيسيُ ج آبِيسي:** ذ. صفت. خوش مزاج. خوش اخلاق. محبتي. دل وارو. دل آويز.

• **آبُوتِي ج آبُوتِيون:** ث. آبُوتِي.

ـ **آبُوتِي وِرائِيْ:** مَنهن ڤيرائِيْ. مخالف بنجڻ. مال (چوپائي) جي نڪ ۾ وات ۾ هٺ وجهي سندس ڪنڌ ورائي جهلڻ (جيئن ڦٽڪي نہ سگهي). ڪ رَوي يا هٺ پجڻ.

• **آبُوچِي:** ث. [سن. آپ = خراب + چَيَ = چِنهو] گهٽو نقصان – توتو – آبوچي.

• **آبُوڙَڻُ:** مصدر. [سن. آيَنَن (آ = سڀني پاسن کان + يَنْ = بَهه) بهه وانگر ڏني ورڻ] زور سان پرڻ – ڏني پَرڻ – دَبَڻُ. اُڪرڪَڻ. تيل يا گيهه جو اُبري بَڙ بَڙ ڪرڻ. تيل يا گيهه ۾ آلو ڪرڻ – تيل هاڙو ڪرڻ. [فـ. آب > آبوهڻ > آبوسڻ] پاڻيءَ جو چندو ڏيڻ – آلو ڪرڻ. آبُوهڻ. (آبُوسيو – آبُو سينْدو – آبُو سيَلُ).

• **آبُوسَر ج آبُوسا:** ذ. پيٽ پريل تلڻ ويا پکوڙو. بهءَ ۾ ڪُجريءَ سان پَري. تريل سنبوسو يا پکوڙو.

• **آبُوهڻُ:** مصدر. [سن. آپْيَكْشَنَ (آپ = مٽان + اَكْشَ = اَکَس = ٿاءِ جي اَپ) تابشي اَک] تيل يا گيهه وغيره ۾ مٽاجرو ٽپڻ. سنبوسي يا پکوڙي کي بهءَ يا ڪُجريءَ سان پري ترڻ. پکيءِ مانيءِ يا مالپڙو ترڻ. [فـ. آب > آبوهڻ > آبوهڻ] پاڻيءَ جو چندو ڏيڻ – پُسائڻ. آلو ڪرڻ. آبُوسَڻُ. (آبُوهيو – آبُوهينْدو – آبُوهيَلُ).

ـ **آبُوهو، آبُوهو ج آبُوڙا، آبوها:** ذ. تيل يا گيهه ۾ ڏنل تريو. پاڻيءَ يا تيل جو چَنڊو يا مَڪ – روغن پاشي. اوبارو – ٽهڪو.

ـ **آبُوهو ڏيڻ:** پاڻيءَ جو چندو ڏيڻ – پاڻيءَ يا تيل هاڙو ڪرڻ. پاڄي وغيره کي اُوبارڻ – ٽهڪو ڏيڻ. ترڻ.

• **آپ ج آپُونْ:** ث. [سن. آپا = ڦرتي (جانور جو) آرڪرڻ] آواز – پُڪار (خاص نموني جي) ـ سَڏ.

ـ **آپ ڪرڻ:** چوپائي مال جو ڪنهن ڦر کي مخصوص نموني ۾ آر يا ٻيار مان سڏ ڪرڻ.

• **آپارڻُ:** مصدر. [سن. ١. آ = ساڻ. تائين. جڳيءِ طرح + پر = پَرڻ؛ ٢. آدْمَانَ = ڦوڪجڻ. واءِ سان پرجڻ؛ ٣. اَپ مٽي + اُرَجنْ = پڏائڻ] ٻَٽي جي تعريف ڪرڻ –پڏائڻ – ساراهڻ. حد کان زياده تعريف ڪرڻ – ڪُوڙي تعريف ڪرڻ. پني ٻيڙڻ – همنائڻ "ڏَٽيءِ ڏُڌل سَجَڻن مون کي اهڙي رسالي رَجَڻ لاءِ آپاريو". پرجائڻ – ريجهائڻ. هُشي ڏيڻ – ٽيڪر ڏيڻ (ت) –پوڪائڻ – جاڙهو ڏيڻ. ڳلڦو پڏڻ. ڦُندائڻ. برغلائڻ. (آپاريو –آپاريندو –آپاريل).

ـ **آپارَ ج آپارُون:** ث. وڏائي. واکاڻ – تعريف – ساراهـ. ڦوندِ – پڏاءِ – پڏ. هُشيِ – جاڙهُ.

ـ **آپارَ ج آپارَ:** ذ. جاڙهـ مبالغي آميز تعريف –آپارَ.

ـ **آپارَڪَڻُ:** 'آپارڻُ' مصدر مان فعل مجهول. پرجي مٽي جڙهڻ (واءِ سان). ٻاهـ تي جڙهيل ڪَني جو اُڀرڪڻ. گهٽي ڪاڏي يا بادبيءِ کان پيٽ ڦوڪجَڻ. جٽڻ. اسپنگر وغيره جو پاڻيءِ ۾ ڦُندَڻ. ڦوڪجڻ – آڦرجڻ. بدهاضمو ٿيڻ. وڏائيءِ ۾ ڦوڪجڻ. (آپاريو – آپاريو – آپاريل).

ـ **آپارُ ڏيڻ:** هُشيِ ڏيڻ – جاڙهُ ڏيڻ. بيجا تعريف ڪري پڏائڻ.

ـ **آپارُ ڪرڻ:** پڏاءِ ڪرڻ. تعريف ڪرڻ – واکاڻ ڪرڻ.

ـ **آپارو ج آپارَا:** ذ. بيجا تعريف – پڏاءِ. آپارَ.

• **آپاسَڻُ:** مصدر. [سن. آ = چوڌاري + پاسَنَ < پاسْ = چمڪڻُ] روشن ٿيڻ. چمڪڻ. ظاهر ٿيڻ. پڌرو ٿيڻ – نروار ٿيڻ. ظاهر يا صاف ڪرڻ.

ـ **چمڪائڻ.** (آڦاسيو – آپاسيندو –آپاسيَلُ).

• **آپاسَ:** ث. روشني. چمڪ. تجلو. جهلڪ.

• **آپامُ ج آپامَ:** ذ. صفت [ع. اَبْهَمَ = گونگو] گونگو – بي زبان. معصوم –ابهم. ابوجهـ –بالو –پولو –جاهل "آپامڻ" مصدر مان اسم.

ـ **آپامڙو ج آپامڙا:** ذ. صفت آپامُ جو اسم تصغير.

• **آپامَڻُ:** مصدر. [سن. آ+ڦُلْن = واءِ سان پرجڻ] ڦوڪجڻ – ڦُندَڻ – اُپامڻ – اُڀرڻ. ڦوڙڻ ۾ پرجڻ – پڏڻ. پريڻ – پرجڻ – ڏاڍرڻ. پرمڻ. (آپاميو – آپامنْدو – آپاميل).

ـ **آپامَ:** ث. ڦوڙڻ – اُپام. آڦري. پڏ – پڏاءِ. جَڏ – ڏاڍر.

ـ **آپامُ ج آپامَ:** ذ. جاڙهـ پڏاءِ مبالغو – وڏاءِ.

ـ **آپامائڻُ:** 'آپامڻ' مصدر مان فعل متعدي بالواسطه.

ـ **آپامجڻُ:** 'آپامڻ' مصدر مان فعل متعدي مجهول.

• **آپَرُ ج آپَر:** ذ. [سن. آ– پَر = بار. ٽيڪ] ٽيڪ – آڌر –آسرو – جهل. هٿين جهل. پاڻيءِ جو ڪنهن باري ۾ جاڙهـ.

• **آپَرڻُ:** مصدر. [سن. آ– پُر = پَرَنَ] پَرڻ (پيٽ وغيره) – (مال جو) آپر ڪرڻ –پيٽ پرڻ – ڏوڪرڻ. ڦُندڻ. آڪڙڻ (آپريو ـ آپرندو –آپريل).

ـ **آپَرُ ج آپَرُون:** ث. پيٽ پرائي. سيٽَ – ڦوڪ. ڦُندَڙ. وڏائي – هڪ پيار – محبت. سڪ.

ـ **آپَرپاپَر:** ث. سيٽ ڦوڪ –وڏائي. خوشامد.

ـ **آپَرُ:** ذ. پيٽ پرائي (جي وڏائي). هڪ – اُپمان.

ـ **آپَرَڻُ:** 'آپرڻ' مصدر مان فعل مجهول. ڪنهن خراب شيءِ يا گند سان پرجي خراب ٿيڻ. خراب صحبت ۾ قاسڻ. پليت ٿيڻ. آپرجڻ. (آپريو – آپريو –آپريل)

ـ **آپَرُ ج آپَرُون:** ث. آڪڙ – سيٽ. ڦوڪ – ڦوندِ. وڏائي. آڦري – بدهاضمي.

ـ آپريُ لاهڻ: وڏائي لاهڻ. سُستي لاهڻ. سيڪت ڏيڻ.

• آپڙجڻ (ل. ث): فعل مجهول. پليت ٿيڻ ـ ناپاڪ ٿيڻ ـ ڇوپجڻ.

• آپڻ (ث): مصدر. [سن. آ = چوڌاري + پاْس = چمڪڻ] ظاهر يا صاف ٿي اچڻ. مٽان اڇي سهڻن جهڙ ٿيڻ "اُڀ آيبو. پاڳيو جاڳيو" (جهڙ ٿيو تہ مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٿيو). پڌرو ٿيڻ (ٻار جو پيٽ ۾. ڳپ جو ڦل ۾. لاب جو پيدائش ۾). آپيو ـ آپيندو ـ آپيل).

ـ آپي ج آپيونْ: ث. صفت. اها عورت جا پڌريءَ طرح پيٽ سان هجي.

• آپو ج آپا: ذ. [سن. آ = نہ + بھ = گهڻو] ٽوڙو وسڪارو. وس جهڙي فضا "آپن ۽ پاڻين. منهنجو جيءُ جيارين". آسمان ـ آب (ث). (صفت) ٽوڙو ـ گهڻ. ڳپ وارو.

• آپوڪوڙ ج آپوڪوڙ: ذ. [سن. آ + پوشْن = پوڙ جو قولهڻ ۽ قلهڻ. سينگارڻ. ٻهرائڻ. اڇڻ سان مجلس کي رونق بخشڻ] هار سينگار جي شڪفتگي ـ زيورات ۽ پوشاڪ جي ٻهڪ يا جلوه نمائي (حسن جي جلوي سميت). رونق افروزي. زيورات ـ ڳهڻ. هار سينگار.

• آپوڻ ج آپوڻ: ذ. [سن. آپْيَشْ] پيدائش جي آڏو گاڏي نرواري ـ ڪجو ڳڻپ. اڏ ڪجو ڪير وارو اَنّ. اَنّ جا ڪيرا سنگ ـ ڪيرو (ڪ). ٻاهه تي سيڪيل ڪٽڪ. جوئر يا ٻاجهريءَ جو سنگ.

• آپيري: ث. [سن. پَرش وَر = ٻهار جي راڳڻي] راڳڻيءَ جو هڪ قسم (جا هڪ سُهڻيءَ زال جي صورت ۾ ڏيکاريل آهي).

• آپينْ (ث): ضمير. اوهين ـ اوهان ـ توهان.

• آتْ ج آتْ: ذ. [سن. آنت = اندران آيل. اوکاريل وَٽ] اوکارو ـ اُلٽي. اَبرَاڪ ـ اَبڙڪو ـ اَبٽو ـ اُلٽو. چارَ اوگرائي. [سن. آرَتْبِ] ديوتائن جي (مشعل جي جوت سان) ٽالهيءَ ۾ تيليءَ وَٽيُون وهي ٻاٽ پوڄا جو ڪريا ڪرم (جو خاص طرح جاندوڪيءَ ۾ ١٤. ١٤. ۽ ٢٤ تي ملهائين تہ ديوتائون پنهنجي جوت يا حُسن جي ماڻهن تي وارڪا ڪن). جوٽ جو جُٽُ. ضروري ڪم (جنهن لاءِ ماڻهوءَ کي آتو ٽيٽو پوي). ضرورتمندي ـ سخت ضرورت سعي ڪار. سعيو.

• آتار ج آتارُونْ: ث. ڏُتارَ ـ ڏاڏَرَ ـ ڇَتُ. ڏنار جي تنوار (ث) "ڇيلاءِ ليلا ٻيا جي ڏڻ ڏنار. انهن جي آتار. آءُ ٻڌان بن ڪنن سان".

• آتار ج آتارُونْ: ث. اڇڻ جي حالت ـ آمد. سانگي پڪين جي ونڊ جي ڪين تي آمد ـ آتر.

• آتارڻ: مصدر. [سن. آ = چوڌاري + ترْي =پار لنگهائڻ. غالب ٿيڻ. وڌو ڪرڻ. وڌائڻ] پار اُڪارڻ ـ تاري اُماڻڻ ـ پار لنگهائڻ. اُڪارڻ ـ تارڻ "آندي آتاري. سنگر پنهنجي گهر ۾" (سامي). ياد ٿيڻ. [سن. آتارَڻ] ريڙڻ. ڏاراڻڻ ـ تاتراڻڻ ـ ڏتارڻ ـ ريجهائڻ. ٻجڪاڙڻ ـ ڳنڪارڻ. "آتاريو ـ آتاريندو ـ آتاريل).

• آتاري ج آتاريُونْ: ث. ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار (جو ٻيڙيءَ کي تک تار. چوهي واءَ ۾ لهرين جي لس ليٽ مان ڏيمي ڏيمي هلائي جيئن اڳتي نہ پوي). ناٽاريُ ـ ٻلِي ـ آتر.

• آتاڙو ج آتاڙا: ذ. صفت. تکڙو ـ اُبهرو ـ آتو. (ذ) ٽاپو ـ ڏڪ (ث) "مال ٻاڻيءَ تان آتاڙو نہ ڪائي".

• آتاهُ: صفت. [سن ١. اگاڌ = تمام گهڻو. ٢. آتَپ = هيٺ ٿري.وارو] جنهن جي حد نہ هجي ـ بي حد ـ بي شمار ـ بي انت ـ آتاهُ "هُو آتاهُ لجو آهي".

• آتائڻ: مصدر. چوائڻ. آتو ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ. (آتايو ـ آتائيندو ـ آتايل).

• آتر: ث. آثار.

• آتر: ث. هيٺان رجائڻ جي برائي رلي. رچاتو. آڙ.

• آتر: ذ. ث. [سن.آ + ستْرِ = ڍڪڻ] ڍڪ پردو ـ آتر ـ آترڻ. ڪڙه جي پٽيءِجو ٽپڙ ـ ٻڌبي (ث).

ـ آترڻ ج آترڻ: ذ. ڍڪ ـ پردو ـ آتر.

• آتر: صفت. [سن. پَرش وَيہ = ٻهار جي راڳڻي] راڳڻيءَ جو هڪ قسم (جا هڪ سُهڻيءَ زال جي صورت ۾ ڏيکاريل آهي).

• آتِرُ (ث): ضمير. اوهين ـ اوهان ـ توهان.

ـ آترا: ث. بيماريءَ ۾ لوچ پوچ.

ـ آترڻ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ رڳون وڃن. هن بيماريءَ جو تعلق آندي. گردي. رت چاڻ ۽ بدن جي پاڻيءَ سان آهي).

ـ آترشالا: ث. اسپتال ـ بيمارستان ـ بيمار گهر.

ـ آترويلا: ث. بيماريءَ يا مصيبت جي ويلَ ـ بي آراميءَ جي گهڙي. آندَ ماندَ ـ لوچ پوچ ـ ڏڪو.

ـ آترويلا ٿيڻ: آندَ ماندَ ٿيڻ ـ لوچ پوچَ ٿيڻ.

• آترڻ: مصدر. [سن. آرتِہ <آرتا = ضروري ڪم] ڪنهن ضروري ڪم لاءِ بي صبر ٿيڻ. تکڙ ڪرڻ ـ اُبهرائي ڪرڻ. ابهرو ٿيڻ ـ آتو ٿيڻ. لوچَ پوچَ ڪرڻ. (آتريو ـ آترندو ـ آتريل).

ـ آتر: ث. جلدائي ـ تکڙ ـ اُبهرائي ـ بي صبري. آندَ ماندَ.

ـ آترڻائي: صفت. تکڙو ـ اُبهرو ـ بي صبر ـ آتو.

ـ آترو ج آترا: ذ. صفت. بي صبر ـ آتو. آکرو. تيز: هڪ هنڌ نہ وهندڙ ـ بي سُڪر.

ـ آترويلا: ث. بي صبرائي ـ اُبهرائي ـ جلدائي. لوچ پوچ ـ آندماندَ.

ـ **آئرويلالگڻ:** بي صبرائي ٽپڻ ـ اُبهرائي ٽپڻ. لوڇ پوڇ ٽپڻ.

ـ **آئري ج آئريُون:** ٿ. صفت. 'آئرو' جو مونٿ. اُبهري ـ ٽڪري. (دل جي) هلڪڙي ـ واهيات. گار طور ڪم ايندڙ لفظ.

• **آئرُوڙَڻ (ٿ):** مصدر. ڪاڌي جو نڙيءَ ۾ اٽڪڻ سبب اُڻڪ اڇڻ.

• **آئرُوڙ ج آئرُوڙ:** ذ. گرهه يا پاڻيءَ جي ڏڪ جو نڙيءَ ۾ اٽڪڻ جي حالت ـ اُڻڪو ـ اُهٽو.

• **آئري ج آئريُون (ڪ):** ٿ. [سن. ١. آت = اندران (پيٽ مان) ٽي آيل شي؛ ٢. آوَرَڻ] پاڻي پيڻ وقت نڙيءَ جي اٽڪاءَ سبب آيل اُڻڪو ـ اُترو. نَهِي. غوطو. اونهي پاڻيءَ جي ڪَڏَ (جتي غوطا اچن). ڪُنڊ.

• **آتش:** ٿ. [ف] آگ ـ باهه ـ جيرو. ڪاوڙ ـ غصو ـ چڙ. تپش (دل جي) ـ سوڙ ـ درد. گرمي ـ حرارت. ترشنا ـ اَڄ ـ اُساڻ. قُوّت باهه ـ شهوت ـ ڪام.

ـ **آتش اَفروز:** صفت. باهه ٻارينڊڙ ـ باهه پڙڪائيندڙ. شرارتي ـ فسادي. (ذ) باهه جو ٻَارَڻ هڪ پڪيءَ جو نالو ـ عَنْقا (ع) ـ سيمرغ (ف). (چيو وڃي ٿو ته هن پکيءَ جي خوراڪ ٽيهه جانور روزانه آهي. سندس هڪ گرڙ پکيءَ نسبت ڏاڍي وڏي ڏند ڪٿا آهي. شايد انهيءَ پکيءَ (سيمرغ، عنقا، گرڙ پکيءَ) جي هاضمي جي گجي. آتش افروز = باهه جو ٻارڻ آهي. جو جيڪي ڪائي سو هضم ڪري پچي وڃي. يا ته هن جي ذات مان ڪائڻ وقت باهه جا اُلاڻڪرندا هجن. چيو وڃي ٿو ته هيءَ پکي زردشت تخيل جو افسانوي پکي آهي).

ـ **آتش اَفروزي:** ٿ. باهه جو پڙڪاءُ. آتشبازي. شرارت.

ـ **آتش اَفشان:** صفت. چندينڊڙ ـ باهه اُڇلينڊڙ (برندڙ جبل)

ـ **آتش اَنداز:** ذ. صفت. باهه اُڇلائيندڙ (ماڻهو يا اوزار). چٽگونڊ ڇڏيندڙ (ڪوٽلو). باهه ٻارينڊڙ (ماچيس جي تيلي).

ـ **آتش اَنگيز:** ذ. صفت. باهه ٻارينڊڙ ـ باهه اُڀارينڊڙ. فسادي ـ شرارتي. شهوت اُڀارينڊڙ (دوا، وغيره)

ـ **آتش بَازْ:** ذ. صفت. باهه وسائيندڙ. آتشبازي يا توپزني ڪندڙ. (ذ) ڪوپ جنگي هٿيار (توپ، بندوق، بم). بندوق جو گهوڙو. ٻارڻ جي پيٽي. ماچيس جي تيلي. قناڪو. وڄ سار. قطبي ڏنيا جي برف باري (جا اڪيون ڪيريون ڪري).

ـ **آتش بَارِي:** ٿ. جنگ جي وقت بندوقن يا توپن جو وسڪارو ـ گولابازي. بارود جو وسڪارو.

ـ **آتش بَازْ:** ذ. صفت. قناڪا يا آتشبازيءَ جو سامان ٺاهيندڙ. بندوق باز. باهه سان راند ڪندڙ. انجڻ جي آگ وارو. مُهَنْدِس (ع).

ـ **آتش بازِي:** ٿ. بارود مان ٺهيل سامان (قناڪا وغيره). قناڪي راند. باهه جي راند. ڏاروڻ سازڻ جو تماشو.

ـ **آتش بَانْ:** ذ. صفت. باهه وارو. (ذ) شيطان ـ جنّ. نفس امّاره. ڪيڙائتو تارو. لوهي ڇلهه ـ منگل. ڪوڙو. آڇارو يا ڇڇهري (جنهن تي آس پوي. يا سياري ۾ آس ونجي). ذهن وارو وهت (خاص ڪري گهوڙو).

• **آتش بَيان:** صفت. تکي تيز بيان وارو خطاب ـ جوش جاڳائيندڙ. مقرر.

ـ **آتش بي دُوْد:** ٿ. بنا دونهين باهه. سُڄ. (اصطلاحا) معشوق جا سُرخ لَٻ. شراب ۽ ان جي سُرخي.

ـ **آتش پا:** صفت. تمام تکو ـ جلد باز ـ تيز رفتار. ذهني يا پاڻيءَ وارو (گهوڙو). بجلي. وڄ ـ ڪنوڻ. باهه جو ٽڪرو.

ـ **آتش پارَهْ:** ذ. باهه جو ٽڪرو. باهه جي چٽنگ. برندڙ ڪوٽلو. نيلي. چمانٽي. چنڊ. ڪڪڙپيتو. (صفت) جوشيلو ـ چيڙاڪ

ـ **آتش پَرَسْتْ:** ذ. صفت باهه جو پوڃاري ـ جوت پوڃاري. زردشتي مت جو پوئلڳ ـ گبر. طبيعت پتنگ.

ـ **آتش پَرَسْتِي:** ٿ. باهه جي پوڃا ـ اگني پوڃا.

ـ **آتش جو پرڪالو:** ذ. باهه جي چٽنگ. شعلو. (صفت) حَسِين ـ خوبصورت. فتنو انگيز چالاڪ

ـ **آتش خَاموش:** ٿ. اُها باهه جا اڃا پڙڪي نه هجي.

ـ **آتش خَانو ج آتش خَانَا:** ذ. باهه جي جاءِ. سياري ۾ باهه ٻارڻ جو هنڌ. آتش پرستيءَ جي جاءِ ـ آتشڪدو. بارود خانو.

ـ **آتش خَوار:** ذ. صفت. باهه ڪائيندڙ. حرام جو ڪاڌو ڪائيندڙ ـ رشوتي. ظالم (ذ) هميشه باهه ۾ رهندڙ يا باهه مان پيدا ٿيندڙ هڪ پکي ـ ققنس.

ـ **آتش خَيَال:** ذ. صفت. تخيل جو تکو ـ تيز فهم.

ـ **آتش دَان:** ذ. باهه ٻارڻ يا باهه رکڻ جي جاءِ. پٽي. ڪُل ـ سگري.

ـ **آتش دَسْت:** ذ. صفت. چالاڪ ـ ڦُرت ـ هوشيار.

ـ **آتش دَم:** ذ. صفت. فصيح بليغ.

ـ **آتش رُخ:** ذ. صفت. ڳاڙهي يا چمڪندڙ مُنهن وارو ـ خوبصورت. آتش رُو. معشوق.

ـ **آتش رُو:** ذ. صفت آتش رُخ.

ـ **آتش زَبَان:** ذ. صفت. فصيح بليغ ـ ولولا انگيز. اُهو شاعر جنهن جي ڪلام ۾ جذبو هجي. جو ٻڌندڙن کي پڙڪائي. تمام تيز ڳالهائيندڙ.

ـ **آتش زدگي:** ٿ. باهه لڳڻ جي حالت.

ـ **آتش زَدَه:** ذ. صفت باهه لڳل ـ سڙيل.

• **آتش زني:** ث. باھ ڏيڻ.

ـ **آتشسَخَنُ:** ذ. اُھا جاءِ جتي باھ پٽي وَسي. مڙدي سازڻ لاءِ کائين جو ڍڳ. مسالو.

ـ **آتش سُخَنُ:** ذ. جلائيندڙ الفاظ ڪم ۾ آڻيندڙ. گلاخور. غاصب.

• **آتش سوزان:** ث. تکي تيز ٻرندڙ باھ، ساڙيندڙ باھ.

ـ **آتش طَبْع:** ذ. صفت. نهايت تيزمزاج وارو – تُند مزاج. چيڙاڪ. تيزفهم.

ـ **آتش طلعَت:** ذ. صفت. ٻرندڙ مُنهن وارو – آتش رُوءِ. حَسينُ – سُهڻو.

ـ **آتش عنان:** ذ. تيز رفتار گھوڙو.

• **آتش غم:** ث. ڏک جي باھ.

ـ **آتش فام:** ذ. صفت. باھ جي رنگ جھڙو حَسين.

• **آتش فراق:** ث. جدائي جو غم.

ـ **آتش فشان:** ذ. صفت. باھ وَسائيندڙ (جبل) ـ ٻرندر (جبل) – جوالا مُکي. باھ ڪيندڙ (پٿر). (ث) اوزارن تکي ڪرڻ جي سراڻ (جا اوزار لاڙ وقت چٽنگون ڪڍي).

ـ **آتش فشاني:** ث. باھ وَسڻ يا وَسائڻ جو ڪم. باھ جو وسڪارو. بمباري.

ـ **آتشک:** ث. ٿوري باھ – باھڙي. وڃ. ڪرڪيتو. بيماريءَ جو ھڪ قسم – ناکي.

ـ **آتشکَدَهْ:** ذ. باھ جو گھر –آتش خانو. پارسين جي عبادتگاھ (جتي سدائين باھ ٻرندي رھي).

ـ **آتش کُش:** ذ. (ڪوري مان) باھ ڪڍڻ جو اوزار – انبوري (لوھار جي).

ـ **آتش گاھ:** ذ. آتشکَده ـ آتش خانو.

ـ **آتش گر:** ذ. صفت. لوھار.

ـ **آتش گري:** ث. لوھارڪو ڌنڌو.

ـ **آتش گولو:** ذ. باھ جو گولو – بم گولو – بَمُ.

ـ **آتش گيرَ:** ذ. باھ جھلڻ يا ٽاندن کڻڻ جو اوزار – چمٽو – دست پناھ. جلد باھ وٺندڙ (مادو). باھ لڳائيندڙ (بارود).

• **آتشگير:** صفت. جلد باھ وٺندڙ (مادو) – باھ لڳائيندڙ (بارود).

• **آتشگير مادو:** ذ. اھڙي شيءِ (تيل، بارود وغيره) جنھن کي باھ يڪدم وڃڻي وڃي.

ـ **آتش لِباسَ:** ذ. صفت. باھ جي رنگ جھڙن ڪپڙن ۾ پھريل. واڱڻائي رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس.

ـ **آتش مزاج** ذ. صفت. تکي طبيعت وارو – چيڙاڪ – تندخُو – جوشيلو. تيز.

ـ **آتشناک:** ذ. صفت. باھ جھڙو. ڪاوڙيل – چڙڙو. تند خُو – آتش مزاج.

ـ **آتشناک:** ذ. صفت. باھ جھڙو. ڪاوڙيل – چڙڙو. تند خُو ـ آتش مزاج.

ـ **آتش نَفَسُ:** ذ. صفت.باھ جھڙو گرم ساھ ڪڍندڙ. فصيح.

ـ **آتش نِهادُ:** ذ. صفت. باھ جھڙي طبيعت رکندڙ – چيڙاڪ.

ـ **آتش نمرود:** ث. نمرودڪافر طرفان. حضرت ابراھيم عليه السلام کي جلائڻ جي ارادي سان ٻاريل باھ. آڳاھ – ڏاڳھ.

ـ **آتشي ج آتشيْ:** ذ. صفت. باھ جو – باھ وارو. باھ جو جوڙ – باھ جو اثرانداز. باھ جھڙو. گرم طبيعت وارو – جوش وارو – جوشيلو. چيڙاڪ. قوّت باھ وارو – ڪاميٰ – شھوتي. (ث) چٽن طبيعتن مان ھڪ جو نالو (آتشي، آبي، خاڪي، بادي). جنّ، پَري.

ـ **آتشيان:** ذ. صفت. باھ وارا. دوزخ جا ماڻھو. ديو. جن وغيره.

ـ **آتشي اوزاھ:** آتشي ھوس وارو اوزاھ.

ـ **آتشيْ آئينو:** ذ. سڃ جا ڪرڻا جھتي باھ پيدا ڪندڙ شيشو – اگني ڪانچ. ڪنھن شيءِ جي جوھر ڪيڏ لاءِ. يالقوي جي بيمار کي ڏيکاري ان جي منھن کي سڌو ڪرڻ لاءِ.ڪر ايندڙ شيشو – تياڪ

ـ **آتشيْ بُرج:** ذ. نحس تارو. نحوسيت جو اثر رکندڙ برج يا تارن جو ميڙ (علم نجوم موجب آسمان ۾ تي برج آتشي آھن. ۱. حَمَلُ، ۲. اسد، ۳. قوس).

ـ **آتشيْ حرفَ:** ذ. علم جفر جي اصطلاح ۾ ابجد جا ست حرف (ا، ه، ط، ف، ش، د ۽ ر).

• **آتشي شيشو:** ذ. ھڪ قسم جو گول چپٽو شيشيو جيڪو پاسن کان سنھون ۽ وچ ۾ ٿلھو ٿئي ۽ روشني جي ڪرڻن کي ھڪ ھنڌ جمع ڪري اڇلي (جو ڪنھن شيءِ تي مرکوز ٿيڻ سان ان کي ساڙي وڃي).

ـ **آتشين:** صفت. باھ جھڙو – جلائيندڙ – ساڙيندڙ. گرم.

ـ **آتشيُون اثارَ:** باھيون ٻارڻ – منھ مچائڻ. دونھان ڪائڻ. (اصطلاحاً) دل ۾ درد پيدا ڪرڻ. عشق ۽ محبت ۾ گرفتار ڪرڻ.

• **آتلاھُ:** اسر خاص. تعلقي ڏھڙيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **آتُرَ:** ذ. [سن. آتْمَنْ = ڦوڪيل رُوح] اصلوڪو آڏ وارو رُوح (جو آدم ۾ رب تعالىٰ ڦوڪيو ھو). رُوح. دل. مَن. نفس. ذات. جان. ڏھر – عقل. جانڪ. آتما. مرضي – خواھش – اِڇا. يوناني طبيبن جي اصطلاح ۾ دل ۾ پيدا ٿيندڙ ھڪ لطيف بُخار.

ـ **آتما:** ث. آتَر – رُوح. رُوح جي بلند پروازيءَ جي حالت. اعليٰ رُوح. ضمير. دل. نفس.

ـ **آتما پُوريْ ٿيڻ:** مرضي پوري ٿيڻ. خوش ٿيڻ.

ـ **آتُر پَتَ:** ث. پاڻ کي سڃاڻڻ جي حالت – خودشناسي. نفس شناسي. عرفان.

ـ **آتر هوڙ:** ث. پاڻ کي سڃاڻڻ جي سمجھ. عقل ــ فهم.

ـ **آتمتا:** ث. روحانيت ــ آتمڪيه.

ـ **آتر پالڪ:** ذ. صفت. پاڻ سنڀاليندڙ. خود غرض.

ـ **آتر پد:** ذ. آتما جي گيان جو درجو ــ وڏو روحاني درجو ــ روحاني منزل ــ عرفان.

ـ **آتر جوڳ:** ذ. روهاني ميلاپ ــ وصل "ستگر سکائي. جڪت آتم جوڳ جي" (سامي)

ـ **آتر ديو:** ذ. هندن جي هڪ ديوتا جو نالو.

ـ **آتر ڏن:** ذ. روحاني دولت "پرڃي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڏن آڌاه" (سامي).

ـ **آتر شڪتي:** ث. روحاني قوّت. قوّت ارادي. اڇا شڪتي.

ـ **آتمڪ:** ذ. روحاني خيال (صفت) روحاني ــ قدرتي.

ـ **آتر ڪٿا:** ث. آتم ڪهاڻي.

ـ **آتمڪيه:** ث. آتمتا ــ روحانيت.

ـ **آتر ڳيان:** ث. آتم ڪٿا ــ روحاني فلسفو. پنهنجي سوانح عمري. ڪنهن بزرگ جا لکيل مقالات.

ـ **آتر گيانُ:** ذ. روحاني علم. علم معرفت ــ خدا شناسي ۽ خودشناسي، جو علم "جنهن کي آتر گيان، سامي ڏنو ستگرو" (سامي)

ـ **آتر گياني:** ث. خود شناسي (جا مرشد هٿان حاصل ٿئي). (ذ. صفت) پاڻ سڃاڻندڙ ــ خودشناس.

ـ **آتر گهاتُ:** ذ. روحاني موت (گناهن سبب). آپ گهات ــ خودڪشي.

ـ **آتر گهاتڪ:** ذ. آتر گهاتي.

ـ **آتر گهاتي:** ث. وجايل رُوح جي حالت. وجايل رُوح. (ذ. صفت) روحاني موت وارو ــ آپ گهات ڪندڙ ــ پاڻ مارينڊ.

ـ **آتر وادي:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ متعلق ڳالهائيندڙ.

ـ **آتر وت:** صفت. آتما جهڙو. (ذ) وجود جو حال.

ـ **آتر وديا:** ث. روحاني ڄاڻ. خودشناسي.

ـ **آتر هٺ:** ذ. جو ڪجهه پاڻ.

ـ **آتر هتيا:** ث. خودڪشي ــ آتر گهات.

ـ **آتر هتيا:** ث. آپ گهات.

ـ **آتمڪ:** صفت. روحاني.

• **آتڻ ج آتڻ:** ذ. [سن. ١. آرتن = هُنر جي ڪم وارو هٿ. هُنر گهر. ٢. آ = چوڌاري + تَن = ڪَتڻ] گڏجي ويهي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ "اديون آتڻ واريون. ائين وڃو سپ وري" (شاهه). وصال جي منزل يا مڪان. گڏجاڻي ــ ميلاپ. آرام ــ آسائش. زماني جي زيب زينت جو هنري سامان. دنيا جي آسائش ۽ زيب زينت جو ٿنڀ. [سن. آيتن] وهڻ جو هنڌ. ٽيڪ. گهر. آرام گاهه. قربان گاهه. حرم. گهر جو پٽ. پاندو. (ذ. صفت) زناتو ــ عورتن جهڙو ــ بي مڙسيو ــ سُست.

ـ **آتڻ اُجوڙيڻ:** ڪچهري برباد ٿيڻ. خاندان جو خاندان ناس ٿيڻ.

ـ **آتڻ اُجهامڻ:** آتڻ جو اوج چٽ ٿي وڃڻ. ڪتڻ وارين جو تڙي پکڙي وڃڻ. محفل جو برباد ٿيڻ.

ـ **آتڻ نه هُڻڻ:** بي هنر هجڻ. بيڪار سمجهڻ ۽ اڇل لل ٿي نه هجڻ ــ مردانگي نه هجڻ.

ـ **آتڻ ڪتڻ:** آتڻ ۾ ويهي چرخو ڪتيو.

ـ **آتڻ کي اَڙڏو رکڻ:** پنهنجي ڪر تي هوشيار رهڻ.

• **آتڻ:** مصدر. [سن. آت = اندران آيل. اوکاريل وٽ] اوکاڻ ــ آڻي ڪڻ. اُپڙڪا ڏيڻ. (آتيو ــ آتيندو ــ آتيل).

• **آتڪ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آتو ج آتا:** ذ. صفت [سن. ١. آرتّ = آتو. ٢. آرتّ < آرْدُ = ڏک ڏيڻ؛ ٣. آرَ = هلاڪ. ٽڪل]. تکڙو ــ اُبهرو. بيتاب ــ بيقرار ــ منتظر. ڪ ــ هلاڪ ــ بيزار ــ ماندو. لاچار ــ حيران ــ پريشان. وياڪل ــ عاجز. ضرورتمند ــ گهرجاڻو.

ـ **آتو ٿيڻ:** بيتاب ٿيڻ. تکڙو ٿيڻ. (جي ڪم نه ٿئي ته) ڪ ٿيڻ ــ بيزار ٿيڻ. ماندو ٿيڻ.

• **آٽو ج آٽو:** ث. صفت. [سن. آرٽو = ڪتڻ جو ڪم ڪندڙ] سيڪاريندڙ يا سنڀاليندڙ زال.

• **آٽي ج آٽي (ڪ):** ذ. صفت جو ايندو رهي ــ هميشه ايندڙ. آهتي ــ گراهڪ (صفت) ايندڙ ــ ايندڙ وقت وارو (ث).

• **آٽيج:** ث. 'ڪل' گاهه جي پاڙ. حيلو بلو.

• **آٽيج ڪرڻ:** ڪو حيلو بلو ڪرڻ "هيلي! ڪر ڪو آٽيج".

• **آٽي ڪٽي (ث):** ذ. ايندڙ ڪٽيءَ جو فصل.

• **آٽيرو ج آٽيرا:** ذ. گولين جي راند ۾ گولي، تي گولي هڻي راند ڪرڻ جي شروعات ــ آنٽيرو.

ـ **آٽيرو اُجلائڻ:** ٻئي جي بلور تي مٽاچرو بلور ڇڏڻ.

• **آٽ:** ث. [سن. آشيٰتَ = اميد جو ڌڻ] پٽ يا پاراتي جو هڪ لفظ. نصيب جو ڏڪ ــ ٽاهو "اديون آٽ مر ڏيو. ته ڏسان منهن ملير جو" [سن. اشتَ = آتت] رکيل. بچايل يا عيوضي ۾ ورتل موڙي. هوند سُوند ــ بچت. آڌار. گهر ۾ رکيل ٽپڙ ــ زر زيور. ڪٽي پلي جو ڪاڌو ــ چيڄڙي. هڏو وغيره.

ـ **آٽ پوڙ:** اميد پوري نه ٿيڻ.

ـ **آئون ڪائڻ:** پراوا ڏکر ۽ اويرون ڪائڻ.

• **آتُ ج آتَ (ل)**: ذ. [سن. 1. آسْتَرَ = گهر جاياتي. ٽڪيل يا تعلق رکندڙ: مت مائٽ. قريبي کٽنب وارو] مائٽائي لڳ لاڳاپي. کائڙ پٽڙ ۽ ڏيتي ليتي۽ وارا – تعلقدار قبيلي وارا ماڻهو. قبيلو – ڪٽنب [سن. آت = اوکاريل وٽ] اُپرڪو – اوکارو. کاوڙ جو بحران – آدمو. لهر جو لاهو چاڑهو – آت.

• **آتاڻو ج آتاڻا (ل. ت)**: ذ. صفت [سن.آسْثان = جاءِ] هڪ هنڌ بهاريل – ٽانيڪو – هنڌاڻتو. (ذ) آجار – ساندڻو – ڪٽاڻ.

• **آتْ ج آتْه**: ذ. [سن. آشْوَسْ = آٽ ڏيڙ. همشائڙ] دلاسو – دلداري – ڏڍ – آسرو – اميد. آڌار – ٽيڪ. بچايل مال – موڙي – هُونڊ. گروي رکڻ لاءِ ڪا شيءِ.

ـ **آتْ ڏيڻ**: همدرديءَ جو ٽيڪو ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ – ڏڍ ڏيڻ.

• **آتُرُ آتُر**: ذ. [پرا. آتُر: سن. آشْتَرَ: فا. اَسْتَرَ]. گهوڙي. ڏاند يا گڏهه جي پٺيءَ تي رکيل ٽپڙي. گڏهه جا ٽڙا – گڏهه جي سنڌت جو سامان. اٺ جي پٺيءَ تي رکيل ٽپڙ. پراڻي رلي (ل). جانور جي پٺيءَ جو ڍڪ

ـ **آتُر ڏانڊ**: ٻئي کي ٽپڙ ڏنڊ ـ ڪيي ڇڏڻ.

ـ **آتُر ڏيڻ**: ٽپڙ ڏڍي هليو وڃڻ.

ـ **آتُر ڏيڻ**: ڪوبه وهت سنجڻ – پلاڙڻ. ٻئي کي ٽپڙ ڏنڊ. ڪيي ڇڏڻ. ٽڙا ڏيڻ.

ـ **آتُر رَکڻ**: آهستي آهستي ڪري هيرائڻ.

ـ **آتُر ڪرڻ**: ڪوبه وهت سنجي تيار ڪرڻ.

• **آتُر پاتُرَ**: ظرف. آتُرَ پاتُرَ.

• **آتُر پٽُرَ**: ذ. [سن. آسْتر = جادر. ٽپڙي. ٽهڙ يا هنڌ (پاڪ گاهه جو) + پَر شُتر = گاهه ۽ گلن جو هنڌ] هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيل ڪڙيل ڪانيون يا چينيا "آتر پٽر ميڙي. سائين! الا بي بيءِ ديگ چڙهائي". گاهه ڀاهه. ڪک ڪانا. گاهه ۽ ڪکن ڪاڻ ماڻ تراکڙي وهاڻ – پٽر. ٻهڙ – پٽُر – آتر پٽر (ت. ڪ).

• **آتُر ڪي**: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آتُرڻ**: مصدر [سن. آسْتَر] ڪنهن وهت (گڏهه. ڏاند وغيره تي) ٽپڙ ڏنڊ – سنجڻ – آتر وهڙڻ. (آتريو آتريندو – آتريل).

• **آتِرڻ (ڪ)**: مصدر. آتِرڻ. (آتِريو – آتِرندو – آتريل).

• **آتِرو ج آتِرا**: ذ. صفت (سن. اَ = نه + شُتَر = قائم] ٽڙندڙ – قابو نه ڪندل. هَلڪو (طبيعت جو) حرڪتي – آٿرو. اڀهرو – بي قرار. آتامرو.

• **آتُرُ ج آتُرَ**: ذ. [سن. آ = نه + شُتَر = قائم] ٽاپو – ڏڪو – آديرو. پيرُ يا تنگ جو وَڙ – موڙ موج. موهُ (ت) – سوج (پير يا تنگ ۾. ڏڪ اچڻ يا ٽاپي اچڻ سبب). حُقي جي تويي۽ کي ڦوڪ

• **آتُرُ پاتُرَ**: ظرف. ٻئي هٿ جڏي – ڊرين هٿين – هٿرَ پٽرَ. هٿن اتڪائڻ يا ٻک وهڻ کان سواءِ. (وڏي چوڪري جي ننڍي چوڪر سان ملهه) ٻنا هٿن وهڻ جي (وڏ تي ڇڙهڻ يا ڪوبه ڪم ڪرڻ).

• **آتِرُ آتِرُ**: مصدر. [سن. آ = نه + شْتَر = قائم] ٽاپو کائڻ – ٽِرُ – ٽاپڙ. ٽاپو کائي ڪرڻ. باهڙ. رسي وغيره ۾ وڇوڙي ڪرڻ. آديرا کائڻ. (آتِريو – آتِرندو – آتِريل)

ـ **آتِرُندو ٽاپڙندو اچڻ**: ڏڪاڏوما کائيندو اچڻ.

• **آتِلا**: اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **آتِنِ ج آتِنِيُون (ت)**: ٿ.ڪير ياڇهڻ وهڻ لاءِ ڪر جو ڪُنو – آٽي (ت).

• **آتُڻ (ت)**: ٿ. سڄ لهڻ جو وقت سانجهي.

• **آتُڻُ ج آتُڻ**: ذ [سن. ١. آشْوَسَ: ٢. آشْسْت] اميد جهڙو دلاسو – ڏڍ – دلداري – آتُه. ڪوڙو دلاسو – ڏنو – ڏمُ. ٽيڪ – آڌار. مضبوطي. قوت – بل – زور.

• **آتِنِي (ت)**: ٿ. آتِنِ.

• **آتو (ت)**: ذ. صفت. آتو.

• **آتُرُ ج آتُرَا (ت)**: ذ. [سن. آ = چوڌاري + سْتُن = ٿَمي پَرڻ. ٿَهڻ] هڪ طرف جو نالو – الهندو (لفظي معنيٰ "آسپاس جي هوا (ناسَن ۾) پَرڻ ۽ سُجاڻڻ ته اها هوا برسات جي آهي يا نه؟ جيئن ته ٿر ۾ اڪثر برسات اونهاري ۾ اولهه کان ايندي آهي. انڪري انهيءَ طرف تي نالو ئي آتُرو پٽجي ويو). برساتي هوا جي خوشبوءَ (ذ. صفت) برساتي هوا جي جانچ ڪندڙ – برسات جي وسڻ جا آثار ڄاڻندڙ. "آتُرَا اڳُ تي. هو ويهي واڃهائين". ناس وايو – ناسوتو (ل).

• **آتُرِيُجڻ**: مصدر. کاوڙ جا وَٽ وهڻ. کاوڙ گهٽ ڪرڻ. (آتريو – آتريندو – آتريل).

• **آتِريو (ت)**: ذ. [سن. آسْتَيْ = آهستگي] کاوڙ. لَهر. (نانگ جي) ڦوڪيل ڦڙ جي ڌار. ڌرائي.

• **آتِيرُ (ت)**: ذ. چوپائي مال جي سُجاڻپ جو هڪ داغ.

• **آتِيرُو ج آتِيرا**: ذ. ٽلهو – ڏڪو – ٽاپو – ڏومائي. حُقي جي تويي۽ کي هيٺان جڙيل جوڪ (ت).

• **آتِيرَا ڪائِڻ**: ڏڪا کائڻ – ٽاپا کائڻ – ڏومان کائڻ.

• **آتِيلاَ**: ث. [سن. تيلاءِ = ڏگهي ترائي] ترائي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو – آتِلا. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آتُ ج آتُون**: ث. [سن. آشْتَ = چيڙهه يا ليسَ (اني. ڪونئر. لئي. پڪل چاڻ يا بي۽. ڪنهن شيءِ جو)] گهاڻي. لڳ لڳ ڌار رَس جا سُڪي پچائڻا سخت ٽي وڃي. ۽ وري ڳري ۽ سڳهي (جهڙوڪ ڏاتو وغيره). سختي – تاتائي – چيڙهائي. ضد – هوڏ – زڏي. آلت جي سوٽ ٽين

جي حالت – انگيزُ. سَٽ جي ويڑهي – ڏيري. آندي جو رَسُ سوريءَ جو مرض – پيچش. آني آندي جي اَچلُ. وُر – وَٽ – رَکڙ. ڦيرو. موت. عوضو. عذر – بهانو – منُهنْ. سبب. نانگ ويڑهو – پکڙ رسو – واڌ. [سن. آورتنَ] گهمرو – ڦيريَ – چَڪرُ. پٽڪو – رولو. ڪُوات – بي راهي – ڪُجيري "اڄي پيا آت ۾، وات وڃائي جن" (شاه). پاڻيءَ جو ڦيرو – ڪُن. گوشت جو ڊيگ ۾ ڦڪڙ يا ڳڙ جي حالت. ڳڙ يا رَڙ جي حالت – ڳاڙو. جيءَ جو گداز – ڳاراڻو "آتي سي ايڪ ٽيا، ڳنا نينهنَ ڳري" (شاه). اَڻل پٽل (اندر جي). سوز – ساڙ. باهه سڪ – محبت. دستور – راهه – رسم "جي، آڳ رکي. آتونْ پڇي. عُذر تو آڻين". ترتيب – قرينو [سن. آرَتَ] اوتَ – جهلو – اڙ – رندڪ – اڙي. تويءَ جو هڪ قسم – اوتي. پردي جي اوٽ. لهر جي چاڙهه جي اوتَ. اکين اڳيان پردو. خيال جو اندازو – تخمينو – ڪَتَ. حساب ڪتاب.

- آتُ آڻڻ: عذر پيش ڪرڻ.
- آتُ آهڻ: بهانو هٿ اچڻ – ڪنهن ڪوڙي عذر کي هٿي اچڻ سبب ٻُڌڻ.
- آتُ اُهلاڻڻ: ڏنگ هڻڻ. نانگ وانگر حملو ڪرڻ.
- آتُ پوڻ: پيٽ يا آندن ۾ رکڙ پوڻ.
- آتُ ڏيڻ: سبب ڏيڻ – عذر ڏيڻ. آڏيڻ – رندڪ وجهڻ. بچاءَ ڏيڻ. هوڏ يا هُڏيءَ واري جڙب ڏيڻ.
- آتُ ڳاڙڻ: ٽ. لوهه يا ڌاتُوءَ جي پَلٽ. ملاوٽ – ميلاپ.
- آتُ ڳاڙڻ ڪرڻ: اَلٽ پَلٽ ڪرڻ. عوض ۾ معاوضي جو طريقو اختيار ڪرڻ. ڏي وٺ ڪرڻ. وهنوار ڪرڻ. بدلو ڪرڻ.
- آتُ وارڻ: ٻئي طرفان عذر ڏيڻ.
- آتُ وجهڻ: ور رکڙ وجهڻ (پيٽ ۾). رندڪ وجهڻ.
- آتُونْ ٻُجهڻ: عذر بهانا ڏيڻ. رکڙ وجهڻ.
- آتُونْ مُونا ڏيڻ (ت): عذر بهانا ڏيڻ. آڙتيون ڦڙتيون ڏيڻ (ملهه ۾). اٽڪلون ڪرڻ. ڄالاکي ڪرڻ.

• آتار ج آتَارُ: ذ. [سن. آشْتَارْگيَ] جور ڀٽ واري زمين – ڏُهڻ. بياباني يا ريگستاني ڏُهڻ. درياءَ جي ڏُهڻ. واريءَ سان ڍڪيل زمين. ويرانو. صحرا. ميدان.

• آتارڻ: مصدر. [سن. آ = جوڙاري + سْتَرَ = وڇائڻ. پَرڪڻ] پکيڙڻ. ڳوهڻ (انو). ڳوهيل انو کي آٽڻ سان لوئڻ. (ڪَني ڪي) انو سان لٻيڻ يا ڍڪڻ. ڍَڪُنُ. واريءَ سان پرڻ. (آتَاريو – آتَارينْدو – آتَارينُ).

• آتا هاتا: ظرف. [سن. آشْتِيَ = ڳوهيل انو + هَاشْتِيَ = موهيل انو] ڳوهيل انو جي هَٿ سَٽ (ڪي زالون هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ ڳوهيل انو متائيندڙيون آهن. اهڙي بدل سدل کي 'آتاماتا' چئبو آهي). وهنوار – لاڙياڙ – پاڙ جهاڙ.

• آتا ماتا ٿيڻ: برابر ٿيڻ – هڪ جهڙو ٿيڻ. وهنوار ٿيڻ – لاڙ پاڙ ٿيڻ.

• آتانگڻ (ت): مصدر. مٿي تنگڻ (ڪنل بهروءَ کي) تنگ کان جهلي مٿي تنگڻ ۽ انگ انگ ڪپڻ. مٿي جهلي تورڻ – وزن ڪرڻ (ت). (آتَانگيو – آتَانگينْدو – آتَانگيلُ).

• آتائر ج آتَائَ: ذ. [سن. آشْتَ] آلي مٽيءَ جو ديرُ. ڳوهيل يا ماريل مٽيءَ جو ڊڳ (سريند. ڪنهر يا اوڌ جي ڪم لاءِ). [سن. آشْتِرَ = ايراضي. پکيڙ] ايراضي – پکيڙ. ڪعب ماپڻ جي انداز شيءِ جو تخمينو يا ڪٽ ماپڻ. عمق. (صفت) اونهو – گهاٽو – گهور – عميق – اَٿاهه (پاڻي).

• آتائِيْ ج آتَائِيُونْ: ث. [سن. آوَرْتَنْ] ڌاتو ڳاڙڻ جي حالت – ڌاتو ڳاڙڻ جو ڪم – ڳاراڻِيْ. ڌاتُو ڳاڙڻ جو محنتاڻو. سون. چاندي ڳاڙڻ جو محنتاڻو. ڌاتو ڳاڙڻ جي ڪوري – ڪوناريءَ سوز – ساڙ – پڃ. نديوائٽ – آٽِتوِيُ.

• آتائِيُ: 'آتڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه [سن. آوَرْتَنْ] ڌاتو ڳاري ملائڻ. ڳاڙڻ – رڃائڻ (ڌاتو وغيره). نتائڻ (آتائيو – آتائيندو – آتائيل).

• آتِجَڻُ: 'آتڻ' مصدر مان فعل مجهول. [سن. آوَرْتَن = ڳري هڪ ٿيڻ] ڳوڙ – رڃڻ "پاڻي پيندا اهڙو جو ڳل منهن سائيندا. آندا آتيو انجا وجو پٽ پوندا" (گرهوڙي). گداز ٿيڻ. ڳل ٽي وڃڻ – پاڻ ۾ ملي وڃڻ. وت جي سنجي وڃڻ. ڳنڍيا ڳوڙها ٿيڻ – جمي وڃڻ (ڪنهن رَس يا ڳهاڻي پاڻيءَ جو). ماندو ٿيڻ – سوز مان نڪرڻ "سُرڪيءَ لاءِ سيڊ جئي. آتي ٽي آتيا" (شاه). ڦڪڻ. واءُ پرڃي وڃڻ. واءُ جومرض ٿيڻ (جوپائي کي). آڪڙجڻ – ڦوڪجڻ. ڪاوڙجڻ. ضد پوڻ. صاف ٿيڻ – اَجرڻ. (آتيو – آتيندو – آتيل).

• آتر ڀرڻ: ڳاڻ اوجو ڪرڻ.

• آتَرُ: اِيذائِجَڻ. ڪاهڻ.

• آتڑِ. آتِڑِ ج آتِڑِيُونْ: ث. [سن. آشْت وڑْت] رسي وٽڻ لاءِ ڪاڻيءَ جو ٽڪرو.

• آتڻ: مصدر. [سن. آوَرْتَنَ (آ = ٽڪو + وَرْت = ڦيرڻ) = ڳاري هڪ ڪرڻ] سون. چاندي يا ڪنهن ڌاتوءَ کي ڪوناريءَ ۾ وجهي باهه تي ڳاڙڻ – پگهاريڻ – رڃائڻ. رڃائي صاف ڪرڻ "آتي آڇو نه ڪرين. قلوبان تون ڪَس" (شاه). سون يا چانديءَ جو ڪوناريءَ ۾ ڦڪڙ – ڳوڙ – رڃڻ. (اصطلاحاً) تڙڦڻ – جلڻ "اندر آتيو اڄ مري. ڪاني فراقا". سڪڻ "اصحابن لاءِ اندر تو آتي" (جام خان). [پرا. آتَنُ = انو: سَن. آشْتِيَ = ڳوهيل انو] انو اُٽلائڻ پُٽلائڻ – ڳوهڻ – ملائڻ. ڳوهيل يا آلو انو هَٿي بدن کي مانجهڻ. آنو (ڪُکڙ جو) يا. جلو (انو جو)

تشي تي پڻڻ ۽ اٽلائڻ. ٻنهنجي ڳالهه ۾ رڌاءُ ڪرڻ ۽ ضد ڪرڻ. ڪيڙي جو هيٺو ٽڪر سندَ کان ورائي ڦاڙي ڇڏڻ يا ڪَٻي ڇڏڻ. ٻُراٽو پڻ. سڙهه يا واڌُنِي لاهڻ.

- **آتِڻي ج آتِڻيون:** ث. آتڻ جي حالت ـ ڳارڻي. ڳارو ـ سوڙ ـ گداز. فراق. قَتُ. آتِڻ.
- **آتِڻي آڏ ٽيڻ:** دانهون ڪري جَلي يا جهجي مرڻ ـ فراق ۾ ڳري ٽڪرا ٽيڻ "آتِڻي اڏ ٽٽي، مومل جي مَحاز ۾".

• **آتڻ ج آتڻ:** ذ. ڳوهيل آٽي جو چاٽو. خُشڪ انو. مانيِ پچائڻ وقت پَٽڙي ڳوهيل آٽي کي لوڙڻ لاءِ سُڪل انو ـ پليٽ ـ لويو.

• **آٽو ج آٽا:** ذ.[سن. آوُرَ = ڦيرو گهمرو] ڦيرو ـ گهمرو ـ ڇڪڙ. هڪ پيرو اڃڻ جي حالت. ٽوريءَ ٽوريءَ دير کان پوءِ پيرو ڪرڻ جي حالت. گهوڙي کي ڊوڙائڻ جو هڪ نمونو ـ وراٽو ـ آٽنو (ل). ٽيڪ ڏيڻ لاءِ هُنڊَ جو ويتو. ويڑهيل سوڙ جي پٽيءَ کي ٽيڪ. ڳوٽين جو گرٽو. هوڏ ـ ضدَ ـ بحث (بار جو) رُسامو ـ ڪيتو ـ تيُسو. روڄ. انگل ساڙ. حَسَد (صفت) اهو ماڻهو جو ڪنهن ڳالهه بابت وري وري چوي يا گهٽا ڦيرا (پنڊ) ڪري. آٽو. سرڪش ـ شوخ (ت). مخالف.

- **آٽو ڏيائڻ:** وراٽو ڏيارڻ ـ ڦيرو ڏيارڻ (وهت يا گهوڙي کي). پنڊ جاچڻ لاءِ گهوڙي کي ڪجهه پنڊ تائين هلائي وري موٽائڻ.
- **آٽو ڏيڻ:** وراٽو ڏيڻ ـ آٽنو ڏيڻ (ل).
- **آٽو ڪرڻ:** ضد ڪرڻ ـ هوڏ ڪرڻ. رُسامو ڪرڻ.
- **آٽو وراڻڻ:** هارين جو اصطلاح ـ هرن کان رهجي ويل زمين جوتڪرو ڪاهي ڇڏڻ.
- **آٽي تي ڇَوَهڻ:** هوڏ تي جڙهڻ ـ شدّت تي چڙهڻ ـ ضد ڪرڻ.
- **آٽيجَهڻ:** فعل مجهول. جوڙاري وتورجڻ. نانگ بلا جو چوڌاري ور وجهي ويهڻ. ويڑهجي وَڃڻ. وتورجي ڪنهن سوراخ ۾ ويهڻ. اُنهڙجَهڻ (نڙيءَ ۾ پاڻي اٽڪڻ سبب). (آتوريو ـ آتوريو ـ آتوريل).

• **آتوريو ج آتورا:** ذ. هڪ وڏ ۽ ان جي ڦل جو نالو. آلو بخارن جو هڪ قسم (جوڦي کي بند ڪري). دوا طور ڪم ايندڙ پارکي وکر جو هڪ قسم ـ کاري گيدوڙي (وڻ). ڳگ گروڙ (ڦل). ننڍڙ جو هڪ قسم (جو پوئين پيرن تي هلي. آدوڪن چيڻن ۾ سوراخ ڪري کائي. ۽ زمين ۾ سوراخ ڪري رهي) ـ کاريِ ميُنهن (وڇولو) ـ باڏو (ل) ـ گيندارُو (ک).

• **آٽورَجڻ:** فعل مجهول. (پيٽ وقت) پاڻيءَ جو نڙيءَ ۾ هُنڊَڻ ـ اُٿلجَڻ. (آتوريو ـ آٽوريو ـ آٽوريل).

• **آتوريو، آتوريا (ث):** ذ. آٽو (نڙيءَ ۾ پاڻيءَ اٽڪڻ سبب).

• **آٽوڻ:** ث. [پرا. اُٽ: سن. آوُرَ] وَرَ ـ ڦيرا ـ حملا ـ جُلهوڻ ـ اُجلوڻ.

• **آتِڻي ج آتِڻيون:** ث. [سن. آوَرتوَ (آ = چڳيءَ طرح + وُرْتْ = ڦرڻ) = ملي هڪ ٽيڻ] ميلاپه اٽل پٽل (اندرجي). ويڑهي (سُٽ جي) ـ ڏيريُ ـ آٽ. سُٽَ جون ڏهه ڇڳوڻ (ت). اُيڻ ـ جرهو. پيٽ جو وَڪوڙ ـ وَٽ ـ آٽ. چار اوڳرائي ـ آٽ. موٽ ـ عوض. ڪنهن ڪيل ڪر جو اجورو. ولوڙيل ڏُنُشرو (جنهن ۾ پاڻي وڏل نه هجي). ڀهِي. آڙيُ ـ رندڪ (حساب. فيصلي يا ملهه ۾). محويّت ـ ٽٻي ـ استغراق "آديسي آتيءَ سان. رَميا متي زاهَ بَاهُوتي جي بَاهِ اندر تن اجاريو" (آري فقير). پاراٽيءَ راند جو هڪ قسم (ک).

• **آتِيجَ ج آتِيجَ:** ذ. اهجاڻ ـ نشان ـ آثار "اڄ آسمانِ آتِيجُ برسات جو آهي". تخمينو ـ اندازو "منهنجي آتيج ۾ هن جو مُلهه پنج ربيا ڪن ٽيندو". سانُ ـ سوڙ "پُرٽي جا آتيج". انومان ـ گمان پير ـ ڦيرو (ت).

- **آتِيجَ ڪَرڻ:** اهجاڻ مان اندازو لڳائڻ. ساڻ سوڙ ڪرڻ.

• **آتِيرَڻ:** ث. سُٽ ويڑهڻ لاءِ ڪات جي ڳلِيِ ـ اوٽي ـ آتيرٽو (ک). ڪورڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو ـ ناريُ. مَانڌاڻيءَ جي ڦَلُ (+) جهڙو داغ (جو ڏورن جي سجاڻپ لاءِ ڏنو وڃي). پکيءَ جو هڪ قسم. مصدر. [سن. اَوَرْتَنْ] سُٽ ويڑهڻ. سُٽ اُکيلڻ. (ڪپڙو اَٽڻ تي) ڪولي وجهڻ. (آتيريو ـ آتيريندو ـ آتيريل).

• **آتِيرٽو ج آتِيرٽا:** (ک) ذ. آتِيرَڻ ـ اُوٽي.

• **آتِيريُ:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آتِيڙُ ج آتِيڙَ:** ذ. ماس جي (ڏڪ لڳڻ يا ڦٽ ڦرڻي ٽيڻ سبب) گولائيءَ ۾ پکيڙ يا واڌ ـ سوج ـ آماسُ. ڏَڪ ۽ ڦٽ جي سوج سبب ٿولهه ـ ڏَنُب.

• **آتِ ج آتُوڻ:** ث [سن. آوَشيش = بقايا. اوبر] ڪنهن شيءِ جو اچلائڻ يا نه کائڻ جهڙو حصو. چيچڙو (گوشت جو) ـ اوٽيه بچيل کاڌو ـ جُوٺ ـ اوٽر. پچاريءَ واري ڳالهه. ڏنگ ـ حَدَ ـ چيهه.

- **آتِ تي بيهڻ:** ڳالهائي ڏنگ ڪرڻ. حد پوري ڪرڻ. پورو دم ڏيڻ. دَمُ پٽڻ ـ ساهي کٽڻ.

• **آتارَڻ:** آترڻ مصدر مان فعل متعدي. [سن. ۱. آ = چڳيءَ طرح + ستر = قائم. بيندل. ۲. سن. آشْتَرَ = متي ٽَرِيُ بيندل] پاڻيءَ ۾ بيل متيءَ وغيره کي تَرَ وٺائڻ ـ آٻارڻ ـ آچارڻ. صاف ڪرڻ.

- **آتارُ ج آتارُون:** ث (پاڻيءَ وغيره کي) آتارڻ جي حالت ـ بيهڪ (مٽان صاف پاڻيءَ ۾ تَرَ ۾ متيءَ جي). پاڻيءَ (درياءَ. ڍنڍ وغيره) جي سطح جي صفائي ۽ خاموشي.
- **آتارو ج آتارا:** ذ. آترڻ پاڻي. صاف ٿيل پاڻي.

• **آنَاڳَ ج آنَاڳَ (ک):** ذ. [اَڳَ لفظ جي اڀرندي پاڄ > اَنگَ > آناڳَ

> آناڳ: سن. آڳرتَ = وڪوڙڻ، وڪوڙي ٻڌڻ] اڳڪ – ناڙو.

• آئرڻ، آڙڻ: مصدر. [سن. ١. آسترنْ (آ = چڳي،طرح + سْتا = ڀرڻ ڪان بس ڪرڻ ٻيهڻ)؛ ٢. آشْتَرِه = مٿي تري ٻيئل] پاڻيءَ ۾ مٿيءَ جو تر وڻڻ. ڪنهن به پاڻيٽ جو صاف ٿيڻ. گرم (ڏينهن) جو ٿڏو ٿيڻ – ٽرڻ. (آئريو – آئرندو – آئريل).

ـ آڙُ: ٿ. آئري ٻيهڻ واري حالت – آنارَ – آڇر. ڳيرڻ، چاڻ (اٿي جو) – ڪَٽ (ڳهه جي) جوڳ (ڀنگ جو).

ـ آئرائڻ، آڙائڻ: 'آئرڻ' مصدر مان فعل متعدي بالواسطه. اُڃلائڻ. پاڻي وغيره پاڻيٽ جي مٿيءَ کي تَرَ وٺارائڻ. ميري پاڻيءَ کي ڏنڪي هٿي صاف ڪرائڻ.

ـ آئرجڻ: مصدر 'آئرڻ' مان فعل مجهول. پاڻيءَ جو آئر جي ٻيهڻ –آجرجڻ. (پاڻيءَ جو) هيٺ لهي وڃڻ ٻيهي رهڻ. ماٽ ۾ اچڻ.

ـ آئرجي وَڃڻ: ڏڪ يا بيماريءَ سبب زَت جو دورو بند ٿي وڃڻ.

• آئـڙ: صفت. [سن. آشْت =اَت] اَڻ جو – اَڻ وارو. اشتمي يا اڻين تاريخ وارو ملهائيندڙ. اڻين ڏينهن ٿيندڙ يا ڪندڙ.

• آئڙي: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• آئڻ: مصدر. [سن. آشْترْنْ = آنرائڻ] پاڻيءَ جي مٿيءَ کي تو وٺائڻ (خاص ڪري ڏنڪي هٿي) "ساڻ ڏنڪي، ڏول ڪيري، آب آئ" (ڪنل). (آئيو – آئيندو –آئيل).

• آئو: ڏ. صفت [سن. ١. اُچْشْتَ = اوير ٢. اَشَدَ = ناپاڪ] ناپاڪ – پليد. ميرو. گندو – ڪنو. ڇوڪو – اوباروِ. (ٿ. آئي ج آئيُون). [سن. اَشْت =اَت] اڻين ڏينهن ٿيندڙ يا ڪم ڪندڙ – آڙُ – آئي.

• آئي ج آئيون (ت): ٿ. وٽيل ننڍ جي (ريشمي يا سوتي) ڏيري –آٽي.

• آئيڙڻ: مصدر 'آئرڻ' مان فعل متعدي مٿيءَ کي تَروائڻ –آنرائڻ. هَر مٿيءَ کي آڏي ڪيڻ.

• آڌار ج آڌارَ: ڏ. [ع. آثر ج آثار. سنڌيءَ ۾ آثار واحد طور ڪم ايندڙ] اَثر. اهجاڻ – علامت – نشاني "اي عاشق جو آثار اِي تان آهَ عشق جي" (شاهه) "ابر منجهه آثار. اڄ ٻسجي مينهن جو" (خليفو نبي بخش). (جمع) نشانيون – اهجاڻ. ويرائيءَ جا نشان. پيرن جا نشان. افعال – لڇڻ. رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جون حديثون . اصحاب سگورن يا ڪن بزرگن جا قول ۽ عمل.

• آثار ٿواريخي: ڏ. قديم نشانيون (جهوڪ، قلعو شهر، مقبرا، قبرستان، جايون، هٿيار، سڪا، وغيره) ـ يادگار. قديمي تواريخ ۽ ان جا تذڪرا.

• آثار شريفه: ڏ. بزرگن جون نشانيون. پيغمبرن جا تبرڪات (جهوڪ، ڇتي، پيراهن، چادر، وغيره).

• آثار خَيْر: ڏ. سُٺا نشان – چڱيون نشانيون. چڱن ڪمن جا يادگار. نيڪن جون زيارتون ۽ مقبرا. ڪن بزرگن جي صالح عملن جا اهجاڻ. مقالات ۽ خبرُون.

• آثار صنادِيد: ڏ. بادشاهن جا نشان (عمارتون وغيره).

• آثار قَديمْه: ڏ. پراڻا يادگار. تواريخي واقعات جا قديم نشان – پَڻ. "آثار قديمه جو ڪاتو" (Department of Archaeology).

• آثارو: ڏ. نشان – آثار. آڙ. واسو "ڪڏهن ڪون ٿيوم. آثارو عشق جو". (شاهه).

• آثامُ: ڏ. [ع. إثم ج آثام] گناهه – ڏوهه – پاپ.

• آثِمُ: ڏ. صفت. [ع. اثم > فاعل آثِمُ] گنهگار – ڏوهاري.

• آپ: ضمير. [پرا. آپّ؛ سن. آپْنَما= پنهنجو پاڻ] پاڻ – خود – پند. پنهنجي سر "ڪهين ته آب ڪهه. آچَ مَ چوهيڙيان" (شاهه).

ـ آپ سَرتي ج آپ سَرتيُون: ٿ. پاڻ جيڏي– ساهيڙي– سهيلي "ميڙي آپ سرتيون. نڪي ڳايم گاڇ" (شاهه).

ـ آپ ڪاڇ: ڏ. صفت. پنهنجي ڪم وارو – خودڪار – خودغرض.

ـ آپ گهاتُ: ڏ. پاڻ مارڻ جي حالت – خودڪشي.

• آپا: ٿ. [س. آپِه] وڏي ڀيڻ.

• آپاڏو ج آپاڏا: ڏ.صفت [سن.آپْتَرائيَ (آ =نه + پتْرتا = ٻيءَ جي مٿيءَ جو) غير آباڏو] ٻيءَ يا ڏاڏي جي مائٽيءَ مان نه – ٻيءَ نڪ جو – مائٽيءَ ۾ بيتعلقدار – صفا ڌاريو – اوپرو – اجنبي. [سن. آپْرسْتِيَ = پٽي ملڪ جو] پٽي ملڪ جو– پرديسي – باهريون. اجنبي – اوڀتو. مسافر رولو – بيگانو "ڪاريُ آپاڏي. توسين سُنْهن نه سمسي" (شاهه). نئون مهمان. نئون جاول ٻار.

• آپاڙ: ڏ. [سن. ١. آ = گهڻو + پرَه = ڏنڊ مشغولي؛ ٢. ڏپاڙ] واپار. ڪم جي غلطاني – مصروفيت مشغولي. ڏنڊو – ڪرت – پورهيو.

ـ آپاريو ج آپاريا: ڏ. صفت. گهڻي ڪم وارو – نهايت مشغول – غلطان –آپاريو.

• آپاڙ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• آپت: ٿ. [پرا.آپّ؛ سن. آپَتْ] پنهنجائي – عزازت – مٽي مائٽي.

ـ آپت گِيڙيُ (ت): ٿ. ويجهائي –مٽي مائٽي.

• آپت: ٿ. [سن. آپَدْ = تڪليف، بدبختي يا مصيبت ۾ پوڻ: ته آفَتّ] آپدا – مصيبت – آفت. قهر – غضب. حادثو. سزا. تڪليف. بدبختي. نفسانفسي – اندر جو جهيڙو.

ـ آپتا: ٿ. آپدا –آپت.

ـ آپتا آپت: ٿ. ڏکن معَان ڏک – سورن ۾ سُور. مصيبت واري حالت.

ڏهاڳ.

• **آپدا ج آپدائون:** ث. [سن. آپدا < آپد= تڪليف، مصيبت يا بدبختيءَ ۾ پوڻ] مٿان آيل مصيبت – آسماني آفت. قدرتي حادثو. مصيبت – آپتا. بدقسمتي – بدبختي. تڪليف. آفت.

ـ **آپدا مان بچڻ:** مصيبت يا مشڪلات مان بچڻ.

• **آپريشن:** ث. [انگ. Operation] علاج خاطر بدن جي عضوي جي وڍ ٽڪ – جراحي.

• **آپڙڻ:** مصدر. [سن. آپ] پرڻ – پهچڻ – پڄڻ – رسڻ. (آپڙيو –آپوندو – آپڙيل).

• **آپس:** ث. [آپ +سيڻ =پنهنجو پاڻ ۾] پاڻ ۾ مائٽي ـ عزيزن. برادري.

ـ **آپس ۾ رهڻ:** زالن جي اصطلاح ۾ خراب رشتو رکڻ.

• **آپ گهاتُ:** ذ. [سن. آتْمَنْ = روح + گهاتْ = مارڻ] پاڻ کي مارڻ جي حالت – خودڪشي – آتم گهات.

ـ **آپ گهاتڪ:** ذ. صفت. پاڻ کي مارينڌڙ – خود ڪشي ڪندڙ.

• **آپڻ:** اسم خاص. تعقلي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آپڻو ج آپڻا:** صفت. [س. آپ] پنهنجو – خود جو "جهڙو وسمو آپڻو، ٿهڙو مت نه ڪوءِ". (ذ) سوڀ مان – غيرت.

ـ **آپڻو رکڻ:** پنهنجي عزت رکڻ – غيرت ڌارڻ.

ـ **آپڻي گهوريڻ:** پنهنجي سر ڪوشش ڪرڻ "آپڻي گهوٽ نه نڀا ٽيوي".

ـ **آپو:** ذ. [سن ١. آپ: ٢. آتْمَنْ = پاڻ] پاڻيٽو –خودي. اهنڪار. هٺ –وڏائي – تڪبر – ايمان. انانيت. نفس امّارو.

ـ **آپو آپ (ته ث):** ضمير. پنهنجو پاڻ – پاڻ کي.

ـ **آپو آپ ڏيکارڻ:** خود نمائي ڪرڻ. پنهنجو پاڻ ڏيکارڻ.

ـ **آپوآپ لڳل هُجڻ:** خود گرفتاريءَ ۾ هجڻ. نفسانفسيءَ ۾ لڳل هجڻ.

ـ **آپي:** ضمير. پاڻ – خود – آپ.

ـ **آپي آپ ٽيڻ:** خود خيال ٽيڻ. مَنهن مُهاڻ ٽيڻ. جدا ٽيڻ.

ـ **آپي خان ٽيڻ:** خود خيال ٽيڻ. پنهنجي منهن مُهاڻ ٽيڻ.

ـ **آپي خاڻي:** ظرف. پنهنجي گهر. پنهنجي خيال رَد خود – خودخيال – مَنهن مُهاڻ جدا – عليحده.

ـ **آپي خاڻي:** ث. خود خيالي. آڪڙ. وڏائي. هٺ.

ـ **آپي خاڻي لاڻي ڏيڻ:** انڊ ڏنڊ لاڻي ڏيڻ. جيئن وٺي تيئن ڪرڻ.

ـ **آپي شاهي:** ث. پنهنجي بادشاهي – شخصي حڪومت. پنهنجي مرضيءَ موجب هلت. زوراوري – ڏاڍائي – زبردستي. ظلم – انڌير – انڊ ڏنڊ.

ـ **آپي شاهي هُجڻ:** پنهنجي بادشاهي هجڻ. انڌير هجڻ.

ـ **آپي ڪاڻ نڪرڻ:** پنهنجي خود ضابطي کان ٻاهر نڪرڻ. بيوس ٿيڻ. سخت جوش ۾ اچڻ جوش وجهان هوش وڃائڻ. ڪاوڙ ۾ وهلور وڃڻ – ماٺهيي کان نڪرڻ. مغرور ٿيڻ.

ـ **آپي ۾ اچڻ:** هوش ۾ اچڻ.

• **آپوسي:** ذ. [پورچوگيز. الفانسو] انب جو هڪ قسم (پورچوگالي انب جي نسل مان).

• **آپوٽو (ت):** ذ. الهندو – آڻوٽو.

• **آجاڙ ج آجاڙ (ت):** ذ. [ف.آزار] آزار. ڪيتو.

ـ **آجاڙڪرڻ:** آزار ڪرڻ. ڪيتو ڪرڻ.

• **آجاڻڻ (س):** مصدر. [سن.آپوشڻ] سينگارڻ. سنجڻ "ڪٿ آجاڙي،منزل ماري. تنهن نه ڪي تڪي وار ميان". (آجاڙيو – آجاڙيندو –آجاڙيل).

• **آجامُ ج آجامُ:** ذ. [ف. آماج جي تقليبي صورت] ڇڪڻ جو نشان – هدف –آجامُ – آماڄ. [ف. انجام] وعدو – انجام.

• **آجتُ:** صفت. [ملتاني، جتڪي سنڌي]عاجز.

• **آجپڻ:** ذ.[سن. ١. اِيتَا= آزادي، ٢. اَوشْتَا = ڇڏواڳي] آجائي – آزادگي – ڇوٽڪارو – نجات – مُڪتي "آجپڻ آريجن جو سسئي تان نه سَهاءِ" (طالب). آزاد خيالي. لاپرواهي.

• **آجا اوڏڻا:** اوڏ تڪليف کان آجا ٿيڻ. ڏڻ آجا ٿيڻ.

• **آجپو ج آجها:** ذ. [سن. ١. اَيْتَا: ٢. اَوشْتَا] آجپڻ. فراغت – واندڪائي.

– **آجپاڻي:** ث. آجپڻ – آجپو.

• **آجر:** ث. [سن] سواءِ اُجوري جي پورهيو – چيڙ – ونگار – بيگر.

• **آجوڙ:** ذ. [ع. اجر = پورهيو ڏيڻ، اجرت ڏيڻ] اهو ماٺهو جيڪو معاوضو ڏيئي ڪم وٺي. مجبري.

• **آجرو ج آجرا (ت):** ذ. صفت. آزاد. البيلو. جيو نه ڪندڙ لڇو.

• **آجَوَ ج آجوَّا:** ذ. صفت. [سن.آجّ = هڪري > آج وار > آجَر] هڪرار – پنهوار. مالوند. مارو (ماٺهو). دهقاني –ڳوناٽو_واهاڻي. غريب – ويجارو "عمر تو هٿان، آجاڻي ٽئي آجوَين" (شاه). (ث) آجَوَيُ ج آجَوَيُون "ڪر سُومرا سائي، جئن ٽيان آسودي آجَوَيُ" (سجل). [سن. آ = نه + جَلاَ = داڻ داڻ، گَپ] گپ پيدا نه ڪري سگهندڙ – خصي ـ ڪدڙو.

ـ **آجپاڻي:** ث. آجپڻ ـ آجپو.

• **اِڇکو ج آڇکا:** ذ [ف.آرزو گ > آرزوَڏ > آدوَڏ: سن. آجيُوڪا (آ+ جيُرْ = جيئرو رهڻ) = ڇوٽو] روزينو – روزي. روزانو قوت (جنهن کان سواءِ جيئرو رهي نه سگهجي). ڪاڏو خوراڪ. سَمَر –توشو. رزق يا

کمائيءِ جو ذريعو "اوجَرُ گهرجي آجڪو، پکو ۽ پيتم" (شاهه). ڊِڪ – پروسو –پناه ـ آڌار – آڻَتُ "مال پنهون ٿا نين، اَسونهينءِ جو آجڪو" (شاهه). ملڪيت – مِرُڙي، سامان – اسباب "تاميدي آجڪو، اوجرُ آديسين" (شاهه).

• **آجو ج آجا**: ذ. صفت [سن. ۱. أيِنَا = آزادي ۲. آيت = آزاد ۳.آوشْتا = آزادي، 4. آدِيْ < آدَيْ =آجِيْ، آجو] آزاد –جُدا، بي تعلق، واندو. (ث. آجي ج آجيُوْن). (ذ) سڄي هٿ وارو پاسو (ڪ).

ـ **آجائِي (ج) آجائِيُوْن**: ث. آزادي – رهائي – چوٽڪارو – موڪ "عمر تو هٿان، آجائي ٽئي آجرين" (شاهه)، واندڪائي – فرصت.

ـ **آجو رهڻ**: آزاد رهڻ، خود مختيار رهڻ، واندو ويهڻ، بي جوابدار رهڻ.

ـ **آجو ڪرڻ**: آزاد ڪرڻ – ڇڏي ڏيڻ (غلام يا قيديءِ کي)، پنهنجي اختيار وارو ڪرڻ، پاڻ کي قرض کان يا ٻئي جي احسان کان آزاد ڪرڻ.

• **آجُوروج آجُوريا**: ذ. [ع. عجرت، عَاجُورةُ، عَاجُوره = وڏو ڏُنبرُي: سن. جُرّ = ڦٽ جو پڇي پوڻ، رڇي پوڻ > جُوريا = گُڙُ < آجورو = ڦٽ ۽ ان جو داغ: ف. آرُن آرُوزُ = ڪُتي جو ڇڪ ۽ ان جو داغ] ڦٽ ۽ ان جو (ميتيل) داغ، سائي وڏ کي ڪُهاڙيءِ جو ڏنل ڪٻ (جو پرچي اڇي ۽ داغ رهجي وڃي)، وڏ جو گُڙ، سُڪل بعد ڳنڍ يا داغ ٿي پيل (وڏ جي) گهٻ –اَڪ ـ ڦُڙي (وڏ جي).

• **آجو ڪا ج آجو ڪائُوْن (ث)**: ث. [سن] آجيُوڪا.

ـ **آجوڪا ڪرڻ**: ڪمائڻ، ڦوٽ ڪرڻ – پيٽ پرڻ.

• **آجِيْ ج آجِيُوْن، آجون**: ث. صفت. [مذڪر. آجو] ڇُٽل – آزاد – واندي – بالهي.

ـ **آجِي ڏيڻ**: (بار جمڻ جي)سُورَن کان آزاد ڏيڻ – ويم ڪري اٿڻ – هٿ پير لهڻ، فارغ ڏيڻ.

• **آجِيانُ**: ث. [سن. ۱. آجيا = مرحبائي خطاب، ۲. آوَن = آهڏ > اوَن = ڪنهن جي آڇ جي خوشي، خوشي، خاطري، خواهش، مهرباني، سينگار پاڪر: ۳. اُونَڌ = سلام ڪرڻ. اُڃيان نَمَنْ. ٤. اَنج = سينگارڻ، عزت ڏيڻ، ملهائڻ] مرحبا ـ پلي ڪار – خوش آمديد –آءُ پڳٽ، ڪيڪار، خير مقدم – استقبال، عزت مابي ۽ آمديد جي خوشي.

ـ **آجيانُ ڪرڻ**: آدرپاءُ ڪرڻ –مرحبا ڪرڻ، عزّت ڏيڻ.

• **آجِيْدَنْ ج آجِيْدَنْ**: ذ. [انگ. Adjutant] فوجي عملدارن جو هڪ لقب، نائب ڪرنل.

• **آجِيْگر ج آجِيْگر**: ذصفت. [ف. عاج + گر] عاج جو ڪر ڪندڙ – جوڙيگر.

• **آجِيْوَانْ**: ذ. [انگ. Adju_van] ماٿهن جي گاڏن واري مال گاڏي، رواجي بار گاڏي (ريلوي).

• **آجِيْوَڪ**: ذ. صفت. [سن] پينو – بيڪاري – فقير، بلڪل مسڪين.

• **آجِيْوڪا ج آجِيْو ڪائُوْن**: ث. [سن. آ = جڳيءِ طرح + جِيْوَ = جيئڻ + ڪ = گذران جو ذريعو] گذران –گذارو – روزگار – روزي ڪمائڻ جو ذريعو – ڏنڊو.

ـ **آجِيْوڪا ڪرڻ**: گذران ڪرڻ – روزگار ڪرڻ، پيٽ قوت ڪرڻ، ڪمائڻ.

• **آجِيْوَنْ**: ث. [سن] قوّت معاش – روزيو.

• **آج ج آجُوْن (ت)**: ث. [سن ۱. آجَنْ = ڪم جي مشغولي، ۲. آدّ < آجّ = سعيو ڪرڻ] ڪم جو نبيرو، ڪوشش – سعيو – اَدَمَ، بلند همتي.

• **آجُوڙ ج آجُوڙ (ڪ)**: ذ. صفت. ڪاهي هٿ ڪم ڪندڙ – ڪاڙ، ديرڪار – ڊرو – سُست.

• **آجهو ج آجها (ڪ)**: ذ. [سن. آرجيَ = وَڏ] ڪَرتُ ڪُهاڙو، ڪاهو هٿ، (صفت) ڪاهو، ڪاهي هٿ تي وَهندڙ (ڍڳي جو سڏو ن وهي). ٻاهرو. (ضد) ساڃو ج ساڃا.

• **آجهَ ج آجهَائُوْن**: ث. [سن. آشْرَيه] آجهو – پناهه – ڏِڪ.

• **آجهَاپ، آجهاپو ج آجهَاپ**: ذ. [سن.آشْرَيه] آجهو – آجها – پناهه [سن.آ + جهَهْنْبَ = تپو ڏيڻ] جهُوتو – نند – پنڪي – گهيرت (نند جو)، آرام – آسائش، فرحت.

ـ **آجهَاپ، آجهاپو ڪرڻ**: ٽورو آرام ڪرڻ – ڪجهه نند ڪرڻ.

• **آجهَا پَجَنْ**: فعل مجهول. آرام ڪرڻ – نند ڪرڻ – آجهاپ ڪرڻ.

• **آجهَارَ ج آجهَارَ**: ذ.[سن. آڌَار] آجهاپ – آجهاپو، سمنڊ يا درياءِ جي پاڻيءِ جي ڏُڪهي پکيڙ – سطحي افراط، درياءِ يا سمنڊ جو هڪ طرف وهڪري جو لاهو.

ـ **آجهَارُ ڪرڻ**: ٽورو آرام ڪرڻ – آجهاپ ڪرڻ.

ـ **آجهَارِ ڪرڻ، پَوَنْ**: تڪليف ۾ پوڻ – خساري ۾ پوڻ.

• **آجهَارَنْ**: مصدر. ڪيڙيءِ يا پاڻيءِ ۾ هلڻ سان ٽاپڙڻ (آجهاريو – آجهارينڊو –آجهاريل).

• **آجهَانَرُ (ل)**: ث.آرام – نند – آجهاپ.

• **آجهرَنْ**: مصدر. [سن. آوَ = خراب + جهَتْ = مُنجهي پَوَنْ] ٽاپڙڻ – ٽاپڙجڻ –آٽرڻ (آجهريو – آجهرنڊو –آجهريل).

• **آجهرُڪُ، آجهرُڪڻ**: مصدر. [سن. آوَ = خراب + جهَتْ، جهَنْبَ = منجهي پوڻ] گمراه ٿيڻ، جهوتون پاڻڻ – لوهَوُنْ ڏيڻ، رُلڻ، جهت وجهڻ، هٿيڻ پَوَنْ. اُسرڪڻ. (آجهرڪيو –آجهرڪندو – آجهرڪيل).

• **آجهوڙ، آجهوڙ**: مصدر [سن. آوَ = خراب + جهَتْ، جهَنْبَ = گمراه

ٽيڻ] منجهي پون. ٽاهڙڻ – ڏکا کائڻ. رُلڻ. جهوڪوڻ هڻڻ – لُوهُوڻ ڏيڻ. (آجهڙيو – آجهڙندو – آجهڙيل).

ـ **آجهڙيو ج آجهڙيا:** ذ. صفت. ڳاهت يا ميڙ ۾ قائل. گمراه "آجهڙيا اندر جا. ٽاپا ٽئَ کائين".

• **آجهڪڻ:** مصدر. [سن.آ + ڪِرِيْ] ڳاهت يا سوڙه ۾ وهڻ. (آجهڪيو – آجهڪيل).

• **آجهڙ وَاجهڙ:** ذ. [سن. آدِيـ وَدِيـ] پنهنجو ۽ پرائو اڇهو. پنهنجو يا پرايو رَسُ. رُسوخ يا حيلو – پنهنجي رسوخ جا حيلا وسيلا. حيلن هلاڻ لاءِ اڇ وچ. منهن لڳ – واقفيت – رُسوخ. حيلا سازي. دڳهي ڏور. وڏا اختيارات.

ـ **آجهڙ وَاجهڙ سب:** سڀ حيلا وسيلا هلائڻ. وهه وٺڻ. وهه هلاڻ.

• **آجهوڙڻ (ڪ):** مصدر. [سن. آدَيـ شوْ = اجهڙ چڏڻ] پاسي ٽيڻ – پاسو ڪرڻ – ٽَري وڃڻ.

• **آجهوڙو ج آجهوڑا (ث):** ذ. [سن. آجهوريـ < آدَيـ وَرِيـ = وڪڙ وهڻ] گول ٽيرو – گهمرو – وَڪڙ. گول ڪيڻ جو اوزار – پرڪار.

• **آجهولو ج آجهولا (ت):** ذ. پراڻو واڻ (جو ائٽ ٽاهڻ ۾ وادي کي ڪم اچي). پُراڻي يا هيٺي واڻ جي (ڪٽ ۾) جهول (جنهن تي وهجي ته يڪدم هيٺ ڪسڪي وڃجي).

• **آجهيڻ هاجهيڻ:** ٿ. [سن. آدِيـ مَدِيـ (اَدْيانَ = آسمان جي پکيڙ + مَدْيانَ = ماٿهوءِ جي مٿي مٿان اڏاوت جو ٽنبو يا ورو. يعني چرتيءِ جي ليک (ويڪراڻي ڦاڪ. مَدْيان ڦاڪ). غالباً 'مديان' مان مجهيان،مجهان، مجهانڊ. مجهند يا منجهند ٽهيو آهي] اڌ ڏينهن يا اڌ رات جي آرام جي ٽهلَ. اوير سوير جي جاءِ. ڪنهن ۽ وقت اڇڻ. ترسڻ ۽ ڪائي پي آرام ڪرڻ جي جاءِ آڏي مانُجهي – اويل سويل.

• **آجَ ج آجُوْن:** ٿ. [سن. آجَجا] اشارو – اهڃاڻ. ڏسَ – پتو – نشان – علامت – يار – ڪم. جڻائي.

• **آجَ هاجَ:** ٿ. اوڙَ – جڻائي – صفائي (ڪنهن ڏاڻوءِ يا ڏاڻوَ جي).

• **آجارو ج آجارا:** ذ. صفت. آنيارو (پلو).

• **آجڻ:** مصدر. [سن. آجَجا] اشارو ڏيڻ – اهڃاڻ ڏيڻ. پتو يار ڏسڻ. (آجيو – آجيندو. آجيل).

• **آجَڻُ ج آجَڻ (ڪ):** ذ. [سن. اَنْجَنَ] سُرمو.

• **آجڻي ج آجڻيُوْن:** ٿ. سرمي دانڻي – آنڙي.

• **آجَ ج آجُوْن:** ٿ. [سن. ١. آشَيـ ٢. آجِيـ < آكْشَيـ < آكْس = برندڙ ٻاهه. آگ. ٻاهه جو تجلو] پري کان ٻاهه برڻ جي نشاني. چمڪو – تمڪو – تجلو (ٻاهه جو). اشارو. دل جو الٻيلو خيال – نخريلو ارادو. (دل جو) خيال. ناز – نخرو – غمزو. آجَ.

• **آجُ سُوجُ آجَ:** ذ. [سن. سَمْجَيَه] انبوه ـ ڳاهٽ. [سن. اَدّ = ڳاڻ ڪڻي نهارڻ] محبوب جو ڳاڻ ڪڻي ڪيل اشارو (اجڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ).

• **آڇار:** ظرف. [سن. آچار < آسار = جهڙ: ف. سارْ = جهڙو] جهڙ – جيان – جي نموني – جي موافق – وانگر – وانگيان – طرح "انڊو ۽ اڌ سونهون پئي هڪ آڇار".

• **آڇارُ ج آڇارَ:** ذ. [سن. آشَارَ] جاڻ بڪل ساڌڻاٽو.مصالح دار جاڻ ۽ بڪل جنٽي. ساڌڻاٽو – آڻاٽو – ڪتاڻ. [سن. آدتيـ + وار] هڪ ڏينهن جو ٽالو – آرتوار – آڇَر.

ـ **آڇارُ وجهڻُ:** ساڌڻاٽو سنڌڻ – آڇار ٽاهڻ.

• **آڇارُ ج آڇارَ:** ذ. اصل واري رواج موجب پٽنجات يا امينن جو راڄوٽي فيصلو. فيصلو – انصاف روُ فيصلو. نبيرو – نياءُ "اونڌا شل آڇار.ڪانڌ ڪنهن سين نہ ڪري" (شاه). دستور العمل. قاعدو. هلي چلي – ريت رسم – رواج. ويچار.

ـ **آڇارُ ڪرائڻُ:** امينن کان فيصلو ڪرائڻ. ڪو معاملو فيصلي لاءِ پئي وٽ نيڻ. ڪورٽ يا جرگي جو فيصلو حاصل ڪرڻ. انصاف ڪرائڻ.

ـ **آڇارُ ڪرڻُ:** پنگتي رواج. يا راڄوٽي هلي چليءِ موجب فيصلو نبيرڻ (جنهن ۾ انصاف. رواج ۽ جرگو به اچي وڃي ٿا). فيصلو ڪرڻ. نياءُ ڪرڻ.

ـ **آڇارُ ڳالهائڻُ:** انصاف واري ڳالهه ڪرڻ –واجبي ڳالهه ڪرڻ. وهنوارچوڻ. سَڄ چوڻ – حَقّ چوڻ.

ـ **آڇار ۾ وجهڻُ:** معاملي ۾ آڻڻ. امينن ڏي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪرڻ. معاملو انگهائڻ. ڪم ڪرڻ کان نٽائڻ.

• **آڇارُ نبيرڻُ:** ڏرين جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ.

• **آڇارڻُ، آڇاريڻُ:** مصدر. [سن. ١. آڇارَ (آ = اَت + چَرْ = هلڻ) اڳئين موجب هلڻ. ٢. آدت سار = اصل ڪار رواجي قانون جو طرز عمل هجڻ] اصل ڪار هلندڙ رواج موجب (فيصلو يا ڪم) ڪرڻ. هلي چليءِ موجب هلڻ. نياءُ ڪرڻ – انصاف ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ ويچارڻ. ڳالهه ڪري ڏيڻ. (آڇاريو – آڇاريندو - آڇاريل).

• **آڇارو:** ذ. انصاف ڪندڙ – نياءُ ڪاري – منصف وهنواري. ماٿهوءِ جو ٽالو.

• **آڇاريُ ج آڇاريُ:** ذ. صفت. آڇاريا هلت چلت وارو. انصاف پسند. مذهبي اصولن تي پورو پابند. روشن دماغ .اعليٰ شخصيت وارو "اهڙا آڇاري. لکا پٽن لوڪ ۾" (شاه)

• **آڇاريڏ:** ذ. [سن.آدت ساريـ = (آدت =سچّ + ساريـ = روشن) آدت جي

شخصيت وارو اصل نسل ۾ پورو. علم جي روشنائيءَ وارو. (اسم خاص) هندن جي هڪ فرقي جو نالو (جو اصل کان ذات پات ۽ علم ۾ افضل رهيو آهي. جنهنڪري اُهي پاڻ کي آدت يعني سڄ جي روشنائيءَ سان مشابهت ڏين ٿا). ڏرمي سکيا ڏيندڙ ـ گرو. رشي. اديب ـ وديادان.

• **آڇاڙو ج آڇاڙا:** ذ. [سن. آشرَيہ] پناهه ـ ڏَڪ ـ پردو. آڇاڙو. بچاءَ ٽاڻ، ڳوٺڙي ـ ٽيلهي.

• **آڇامُ ج آڇامُ:** ذ. [فـ. آماج جي تقليبي صورت > آجام >آڇامُ] جُٽَ جو نشان ـ هدف ـ آجامُ "محبت جي ميدان ۾، عاشق! ٿيءَ آڇامُ" (شاه).

ـ **آڇامِي ج آڇامِي:** ذ. صفت. نشان چٽيندڙ. تيرانداز. بهادر باز. چرب زبان. فريب ڪار.

• **آڇرُ ج آڇر:** ذ. [سن. آدْتِہ وَار = سڄ جو ڏينهن] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو ـ آرتوار. ماٺهوءَ جو نالو.

ـ **آڇرَ ليپو ڏِيڻُ:** آڇر جي ڏينهن جو رسمي ليپو ڏيڻ. سخت تڪليف ڏيڻ (پيٽ آڏ ۾).

• **آڇرَ ضدّ ايو:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آڇلو ج آڇلا:** ذ [سن. ١. آڇيُرو (آ = نہ + جيُرو = داڻ داڻ) بنا جيري، بنا داڻ داڻ. بنا ڪِپ. ٢. اَڇلاُ = سنڌ. خصي] نَرَ ٻلو (جو آنا نہ ڪري) ـ ڪيرو ـ خصي. (ث. مائر). آڇڙو. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڪ). [سن. انڇ = ڪوٽي پورو ڪرڻ] جند جون آنڇونُ ڪيندڙ ـ جند آهوڙيندڙ ـ جند آهوڙو.

• **آڇڪُ ج آڇڪ:** ذ. [سن. اَنْچ = وڃڻ. وَڌڻ. ڦيرو کائڻ] وَر ـ وَڪرُ ـ آنڇڪ. رندڪ ـ اٽڪ ـ ڪاهاري. آڏوتو. شطرنج راند ۾ بادشاهه کي شهه کان بچائڻ لاءِ وچ ۾ ايندڙ مُهرو.

ـ **آڇڪُ وڇڻ:** ڪنهن ڪم ۾ رندڪ وڇڻ.

• **آڇڪ، آنڇڪ:** ث. رندڪ ـ اٽڪ ـ ڪاهاري.

• **آڇلو ج آڇلا:** ذ. [سن. آنْجَل > أنْچ = ملائڻ] پلاند ـ دامن. ڪپڙي جو ٽڪر. صافو.

• **آڇمُ ج آڇمُ:** ذ. [فـ. آماج] چٽڻ جو نشان ـ هدف ـ آجامُ ـ آماجُ ـ ناز وارو يا حياءِ وارو آهستي آواز ـ چپن جو آواز. اک ٽيٽ جي نهار ـ ارادي واريُ ۽ اشاري واري اک ٽيٽ. اُهي ڳالهه جي نهار ـ ناز. نخرو. ناز واري نظر. ڪوڙو دلاسو ـ ڏنو ـ دمُ. بهانو ـ سبب. نمونو.

ـ **آڇمُ ٽِيڻُ:** بنهنجي محبوب جي نظر جو هدف ٽيڻ ـ نظر گاهه ٽيڻ.

ـ **آڇمُ ڪرڻُ:** اک جي ٽڪ ڪرڻ. هدف بنائڻ ـ نشان ڪرڻ. (ارادي سان) جُوهه ڪري نهارڻ. ڪوڙا دلاسا ڏيڻ ـ بهانا ڪرڻ. ڏنا ڏيڻ. سبب ڏيڻ.

ـ **آڇمِي ج آڇمِي:** ذ. صفت. نشان چٽيندڙ ـ نشان باز. تيرانداز.

• **آڇانَ ج آڇانَ:** ذ [سن. آڏ يا آجّ = ڳالهه ڪٿي ڀهڻ] بيهڻ جو نمونو (نازنين جو). اُهي ڳالهه بيهڪ. جوڙ يا ڳالهائڻ جو نمونو (نازنين جو). [سن. آڇمُ = سُرڪ پرڻ. گرڙي ڪرڻ] پاڻيءَ کي مٿن سان ولوڙڻ جو آواز. سُرڪ يا ڇمي‌ءَ جو آواز. ٻُڇڪر. جوسڻ جو آواز (چپن. سگهي‌ءَ يا سُرڪ جو) ـ جُوسَ (سَلفيءَ حُقي وغيره جي) جو آواز. پاڻيءَ جي لَپ ـ جُروُن. سُرڪ ـ ڏڪ. گرڙي "اگسْتَ جَانُ آڇمانَ ڪري ساگر سُڪايو" (سامي).

ـ **آڇمانڪ:** ث. گُنرڙين اُڇلائڻ ۽ هٿن ڏوئڻ جو ٽاڻ ـ چلمچي. (صفت) گنرڙيونُ ڪندڙ.

ـ **آڇمانِي:** ث. چلمچي.

• **آڇمَنُ:** مصدر. [سن] ڏرمي ڪرياڪرم يا ڪاڏي کان اڳ ۽ پوءِ پاڻيءَ جو ٻُڪ پري گنرڙيون ڪرڻ (يا وات صفا ڪرڻ). چپن سان چوسڻ. جُوسَ ڏيئي (ڏورن وانگر) پاڻي پيٽ. چپن ۾ ڳالهائڻ.

• **آڇمَنُ:** مصدر. [ف] هدف يا نشان ڏانهن جوهه ڪري ڏسڻ. نشانو ڪرڻ. (آڇميو ـ آڇميل).

• **آڇنُ:** مصدر. [سن. 1. آشَنہ، 2. سن. آكْشَنَ = اک جو اشارو ڪرڻ. اک چنيڻ] اشارو ڏيڻ ـ اشارو ڪرڻ. پروڙڻ. ڌام ۾ ڳالهائڻ. ميڙي گڏ ڪرڻ. آنَڻ. (آڇيو ـ آڇيندو ـ آڇيل).

• **آڇنُ ج آڇنُ:** ذ. [سن. آ + چَكْش = پَڌرائي] اعلان ـ پڌرائي. صلاح مصلحت. آڇَ.

• **آڇوُ ج آڇوُ:** ذ. بانس جي ڪائي. ببو (وڻ جو). وڻ جو هڪ قسم (ڪ). (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. ماٺهوءَ جو نالو ("آڇوُ مان اڏ نالو). (صفت) لاڏلو ـ البيلو ـ پيارو.

• **آڇيا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (اڪثر ضلعي لاڙڪاڻي ۾).

• **آڇَ ج آڇونُ:** ث. [سن. آكْشَ = نهارڻ. جاچڻ. پڌائڻ. ڳالهه ڪرڻ. اعلان ڪرڻ. سڏڻ. نالو ڏرڻ. باسڻ. جاڻائڻ. ظاهر ڪرڻ. سجاڻپ ڪرائڻ] صلاح ـ پيشڪش. وات ٽڪائي. اعلان ـ پڌرائي. نهار ـ جاچ ـ جڪاس. انعام ـ عطيو. بخشش. ڏيڻ جي خواهش. [فـ. آش: سن. آشْت] جَاش. شوروو ـ رسُ. عرقُ ـ سٽ ـ نچوڙ (ڪنهن دوا وغيره جو).

ـ **آڇَ آڇونُ:** پيشڪش ٽيڻ. واڪ اڇڻ (ڪنهن شيءِ جي وڪري جو). رٽ اڇڻ (تحفي جي. ڏاڀيءَ جي. سڱ جي. مزدوريءَ جي ڪم جي. عوض معاوضي جي. قبوليت وغيره جي).

ـ **آڇَ ڪرڻُ:** صلاح ڪرڻ ـ پيشڪش ڪرڻ.

• **آڇارَ ج آڇارُوڻُ:** ث. [سن. آشَارَ] هوا يا لهرين (پاڻيءَ جي) يا ڪنهن جي ڪڏيل آوت. مينهن جو سخت وسڪارو. برسات بعد آسمان جي

نوائي. بي موج درياءَ يا سمنڊ جي پاڻيءَ جي خاموشي – آنار. پاڻيءَ جي سطحي لَس ۽ ليٽ. لهرين جي ساندهه سٽ سٽ – لهرين جي ليٻيٽ. [ع. آثار: سن. آڇجا] نشان –اهجاڻ. پار – پتو – ڏَسُ.

– **آڇاري ج آڇاري:** ذ. صفت. نشانن وارو. اهجاڻن وارو. گهٽڪمو – آپاريو.

• **آڇارڻ:** مصدر. [سن. آڇج + ڪر - اچو ڪرڻ] اچو ڪرڻ (پاڻي) – آنارڻ. ڪپڙو (پاڻيءَ ۾) ٻوڙڻ –چاڇولڻ. (آڇاريو – آڇاريندو – آڇاريل).

• **آڇارو ج آڇارا:** ذ. [سن. آسارَ (آ= تائين. سارَ + سُرْ = وهڻ)] مينهن جو سخت (تکو) وسڪارو. ساموندي لَس ليٽ جو وهڪرو "آڇارا عميق جا اڇن اوپارا" (شاه). پاڻيءَ جي سخت چولي يا لهر يا وهڪرو.لهرين جي تيزي. پاڻيءَ جو گهمرو – ڪُنُ "آڇارا عميق جا گڏيا غَرّاصن" (شاه). (دشمن کي) گهيرو – حملو – هلاڻ. [سن. آڇَڏْ] پوش – پردو – ڍڪ – چوغو.آڇُ (ٻانس) جو ڍڪميان . ٻٽي – ترڪش. چمڙي جي ڪوٿري. آڇاڙو. [سن. آرياسار = روزانو ملندڙ ڪاڏو] ڪاڏو – سيڏو. [سن. آڇنا] ناڻيل مڪڻ – گيهه.

• **آڇاڙ ج آڇاڙون:** مذ [سن. آڇارَ. آسارَ] آڇارَ.

• **آڇاڙڻ:** مصدر. [سن. آڪْشْپ = اشارو ڪرڻ] اشارو ڪرڻ. جهاتي پائڻ. مُنهن ٻاهر ڪڍي ڏيکارڻ. نشانيون ڏيڻ. نشان ٻتو ڏيڻ. (آڇاڙيو – آڇاڙيندو – آڇاڙيل).

• **آڇاڙو ج آڇاڙا:** ذ. [سن. آ + چايَ + ڙو] ٻاڇو – سايو. جنّ جو ٻاڇو –آڇڙو (جن جو). غيبات جوانر. لڪت جو حساب. آڇارو. [سن. آڇَڏْ = ڍڪڻ. لڪائڻ. ٻهرائڻ] ڍڪ – پوش. اوڙڻ "پرين اڪين ۾ پيهه ته آ آڇاڙ ٿيان" (شاه). چمر جي ڪوٿري. ميان – ٻٽي. ڪاڻيءَ جو جميريل بيڪار جورس پاسو يا ٽڪرو – چاڙهو (ل). جنن يا داغن لڳل پوٽڙو(ل) ـ پاڻيءَ جا ٻوڙ. آڏيون وڏيون چوليون ۽ لهريون. وڏا اوسانڀ. وڏيون ويرون.

• **آڇپو ج آڇپا:** ذ. [سن. آڪْشْپ = باهر ڪڍي ظاهر ڪرڻ. انڪار ڪرڻ. اشارو ڪرڻ. ڏيکارڻ. بي عزت ڪرڻ. ڇڙ ڪرڻ. رنگ لڳائڻ] مٽان جي ميار. ملامت – ڇڙ. گار. چينپ. بي عزتي. انڪار. اشارو – اظهار. لاڳاپو – تعلق. ڪشش – چڪ. جنّ جو ڏيکارو – جنّ جو ڏيڇو.

• **آڇرڻ:** مصدر. [سن. آسْرَ (آ = جگي، طرح + سُرْ = بيهڻ) ثابت يا قائم ڪرڻ] هيٺ تر وٺي بيهڻ (شيءِ جو پاڻيءَ ۾). آنرڻ –پاڻيءَ جو صاف ٿيڻ. [سن. آڪْ ڏَالَنْ = پاڻيءَ ۾ صاف ڪرڻ] ڪپڙي جو پاڻيءَ ۾ آگهارجي صاف ٿيڻ – چڇولجي اڇو ٿيڻ. (آڇريو –آڇرندو –آڇريل).

– **آڇرائڻ:** "آڇرڻ" مصدر مان فعل متعدي بالواسطه. آنرائڻ. آڇلائڻ. صاف ڪرائڻ. (آڇرائيو – آڇرائيندو – آڇرائيل).

– **آڇرجڻ:** "آڇرڻ" مصدر مان فعل مجهول. ميري پاڻيءَ جي ميرَ جو ٿرو وڃي بيهڻ –پاڻيءَ جو آنرجڻ. ڪپڙي جو پاڻيءَ ۾ صاف ٿيڻ – اڇو اجرو ٿيڻ.

• **آڇري ج آڇري:** ذ. صفت. [سن. آڇاري] مڪريل – مڪار. جادو گر.

• **آڇلاڪ. آڇلاڪ:** ذ. [سن. آڪْشَالَنْ = پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ] ٽاڻ؛ جي ڏوب جو پاڻي – آگهر – ڏوڻ. جدي لَسيُ(ل). ڦٽل ڏونري جي بيجاري يا ڪَٽ ـ ڏونري جي بت.

• **آڇلاڪ:** ذ. [سن. آڪْشَالَنْ = پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ] ٽاڻ؛ جي آگهار – ڏوڻ. تمام جدي لسي. ٿنو پاڻي. مڪڻ مان نڪتل پاڻي.

• **آڇلائڻ. آڇلاڻڻ:** مصدر. [سن. آڪْشَالَن (آ = ساڻ + ڪْشَلْ = صاف ڪرڻ) = پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ] ڏوڻڻ. آڻ ڏونڊل ٽاڻ؛ کي پاڻي وڃهي چلڪائڻ – آگهارڻ.ڪپڙو ڏوئي صاف پاڻيءَ ۾ چاڇولڻ. مٽاچرو هلڪو سلڪو ڏوڻڻ. آنرائڻ. (آڇلائيو – آڇلائيندو – آڇلائيل).

• **آڇمان ج آڇمان:** ذ. [سن. آڇمَنْ] لَٻ – ڄُرون – آڇمانُ.

• **آڇڻ:** مصدر. [سن. 1. اَبْ + سْڻا: 2. اِپڪْشِپْ: 3. آسْنِيه = آڇ. جنهن ۾ ڏيڻ جي اميد سمايل هجي] ڪا شيءِ ڏيڻ لاءِ پيش ڪرڻ – ڪنهن شيءِ ڏيڻ جي صلاح هڻڻ – آڇ ڪرڻ. (آڇيو – آڇيندو – آڇيل)

• **آڇڻي ج آڇڻيون:** مذ [سن. آڪْشَن] اشاري جو نمونو. اشارو ڪندڙ (آڱر) – ڏَسڻي – شهد – آنجڻي.

• **آڇو آڇواڙ:** ذ. [سن. ١. آسَرَ = جنن پوتن جو: ٢. آ + چايَ + وره: ف. آسياڙ = مغز جو ڦيرو] جنّ جو ڏيڪارو. جنّ جي ڏيڪاري جو اثر. جنّ جو اشارو(جنهن ۾ بدحواسي ٿئي). لڪت جو حساب.

• **آڇوٽي ج آڇوٽيون:** مذ [سن. آڪْشُوهِني = هٿيار بند لشکر جي ڪيمپ. لشکر جو جٿو] ڏهن دستن جو لشکر. لشکر جو هڪ حصو (109350 پيادن. 65610 گهوڙي سوارن. 21870 رٿن ۽ 21870 هاٿين جي فوج) – اجوهڻي – اڪشوهڻي.

• **آڇهون:** فعل [مصدر. آڇڻ مان جمع متڪلم واري ضميري ڇاڙي] اسانکي ڏس - اسانکي ٻڌاءِ "سو تون آڇهون ڏيس، جٽان تو راول رڳنا" (شاه عنات).

• **آڇي:** ذ. بانس جي قسم جو هڪ وڻ (جنهن مان حقن ۽ چلمن جا نڙ ٺهن) – آنجي.

• **آڇيڙو آڇيلو ج آڇيڙا. آڇيلا:** ذ. [سن. آسُرَ = جنن پوتن جو] جنّ جو ڏيڪارو –آڇو – آڇاڙو.

• **آحاڏ:** ذ. [ع. أحَدَ ج أحادَ] ايڪا (يعني. هڪ کان نَون تائينگ).

حسابي رقم جا پهريان چار ڏاڪا (ايڪا، ڏهاڪا، سَوَ، هزار). ڊاري يا رمل جا ڪُنا. اشخاص – جثا. اهي حديثون جن ۾ راوي فقط هڪڙو جٿو هوندو آهي.

• آخْ: ندا. [فـ. آخْ؛ ع. اُفْ] ڪانگهاري ڪڍڻ جو آواز. (صفت) نہ وٽندڙ. ڪڙو. اڳرو.

ـ آخْ ٿُو ڪَٽا چَوڏَ: نہ ٻڌي سگهڻ جي حالت ۾ ٻهانا ڪرڻ. ڪوڙا ٻهانا ڪرڻ.

• آخِ آخَ: ذ. [ع] پچاڙي – پڇاڙي – آڇُ – دنگ – چيهه. حدّ – اوڙڪ. جوماسي جي ڇُڇاڻي (جنهن ۾ ٻڙيون هلي نہ سگهن). پويون ڏينهن – قيامت – آخرت. (ظرف) نيٺ – نڏاڻ – پڇاڙيءَ ۾.

ـ آخِرُالاَمْر: ظرف. نيٺ آخر. لڳي ٻڌي – پس پيش. الغرض – القصّه ـ حاصل ڪلام.

ـ آخِرِ ٽِيڻُ: پڇاڙي ٽيڻ – پڇاڙي ٽيڻ. ختم ٽيڻ مرڻ. فنا ٽيڻ.

ـ آخِرِ دَمُ: ذ. پڇاڙيءَ جو ساهُ. موت جو وقت – سڪرات. (ظرف) پڇاڙيءَ سوڌو – تورڙ تائين.

ـ آخِرِ زَمانو: ذ. پڇاڙيءَ وارو زمانو. قيامت جي ويجهڙائيءَ وارو وقت.

• آخِرِ زمانو: ذ. قيامت کي ويجهو وقت. ٻيڙي – ٻوڙهڻ.

ـ آخِرِ سَالُ: ذ. سال جو پڇاڙيءَ وارو حصو. روينيو سال جي ڇُڇاڻي. حساب ڪتاب جي پڇاڙيءَ جو وقت.

ـ آخِرُشُ: ظرف. نيٺ – آخرڪار – انجام ڪار. الغرض آخر ۾.

ـ آخِرِ ظُهرُ: ث. ٻه ٻهري (نماز. جا جمع نماز بعد آخر ظهر جي نيٺ سان پڙهجي).

ـ آخِرِ فَنَا: جملو. آخر هر شيءِ فنا ٽيڻ واري آهي.

ـ آخِرِ قَدْرُ: ذ. رمضان شريف جي مهيني جي 21، 23، 25، 27، يا 29 جو ڏينهن.

ـ آخِرڪار: ظرف. آخرين طرح – نيٺ – آخر.

ـ آخُرُ الْعَصْرُ: ذ. 'والعصر' سورة جو آخرين لفظ 'صبر' "آخروالعصر جو ايهين آتاڻن" (شاهه).

ـ آخِرِيُ: صفت. سڀ کان پويون – پڇاڙيءَ وارو – آخرين.

ـ آخِرِيُ بَهارُ: ث. بهار جي موسم جو پويون وقت. حُسن جو زوال.

ـ آخِرِيُ جُمعو: ذ. ماه رمضان جو پڇاڙيءَ وارو جمعو.

ـ آخِرِي دِيدارُ: ذ. ڪنهن دوست، عاشق، معشوق وغيره جي بالڪل پڇاڙيءَ واري ملاقات. دوست جي منهن ڏسڻ جو آخرين وقت. دفن ڪرڻ کان اڳ (مري ويل جو) منهن ڏسڻ.

• آخِري زمانو: ذ. پڇاڙي وارو وقت. عرصو. دور.

• آخِري صحبَت: ث. پڇاڙيءَ واري ملاقات ۽ رهاڻ.

ـ آخِري مُلاقَات: ث. پڇاڙيءَ واري ملاقات (جنهن بعد وري ملاقات نہ ٿئي).

ـ آخِرِين: صفت. پڇاڙيءَ وارو – آخروارو – پويون. (ظرف) آخر – نيٺ.

ـ آخِرِينُ دَمُ: ذ. پويون ساهُ. موت جو وقت. سڪرات جو وقت.

ـ آخِرِين ڳالهه: پڇاڙيءَ واري ڳالهه. فيصلي ڪُن جواب.

ـ آخِرِينُ ڏاهو: ذ. آخرين خط – موت وقت لکيل خط. پويون اطلاع. تاڪيد.

ـ آخِرِي وَقتُ: ذ. پڇاڙيءَ وارو وقت – سڪرات جو وقت – آخري دَمُ. پويون زمانو – ڪلجُڳ.

• آخِرت: ث. [ع] پڇاڙي – پڇاڻي (دنيا جي) ـ عقبيٰ. قيامت – پرلوڪ. ٻيو جهان – پرلوڪ.

ـ آخِرت بالخَيْرُ ٿيڻ: پڇاڙي موجاري ٿيڻ.

ـ آخِرت بَچائِڻ: ڇڻ ڪمن ڪرڻ سان عاقبت ڇڻي ڪرڻ.

ـ آخِرت ٻوڙڻ: خراب ڪمن ڪرڻ سان عاقبت خراب ڪرڻ.

ـ آخِرت ٺاهڻ: ڇڻا ڪم ڪرڻ.

ـ آخِرت جو ترشو: ذ. اهي ڇڻا ڪم جن جي عيوض قيامت ۾ ڇڻو اجورو ملي – آخرت جو ثمر.

• آخِرت خراب ڪرڻ: ٻُرن ڪمن ڪرڻ سببان ٻئي جهان واري زندگي خراب ڪرڻ.

ـ آخِرت جو ڏَمَرُ: ذ. ڇڻن ڪمن جو نيڪ اجورو (جو قيامت ۾ ملي).

ـ آخِرت جو ڏِينهُن: ذ. قيامت جو ڏينهن – ڏينهن قيامر. حساب ڪتاب جو ڏينهن – روز جزا.

ـ آخِرت جوڙڻ: ڇڻا ڪم ڪري آخرت لاءِ نيڪيون گڏ ڪرڻ. آخرت جو ثمر گڏ ڪرڻ.

ـ آخِرت جِيُ ڪمائِڻ: ث. آخرت جو ثمر.

ـ آخِرت سولي ٽِيڻ: موت جو وقت آسان ٿيڻ. سڪرات سُولي ٿيڻ. قيامت جو حساب ڪتاب سنهنجو ٿيڻ.

ـ آخِرت موجاري ڪرڻ: نيڪ ڪم ڪرڻ. خدا تعالىٰ جا حڪم مڃڻ.

ـ آخِرت وِجائِڻ: آخرت ٻوڙڻ.

• آخُوڙْ: ذ. [فـ. مصدر خوردن (= کائڻ) > اَمْر. خور > آخور = کائڻ جي شيءِ] گهوڙي يا جويائي ڏور جو اَهُر – بُنڊر. جويائي جي پائيءِ ٻيڙ لاءِ آڻهن. جويائي [خاص ڪري گهوڙي] جي روزانه کاڌي جو گاهه.

ـ آخُوڙِ جِيُ پِرانِيُ: ث. گاهه جيُ لَڏ. ٻيوقوفن جي مجلس.

• آخُوْنْدُ ۾ آخُوْنْدَ: ذ. صفت [فـ. مصدر خواندن (= پڙهڻ) > اَمْر. خوان

> آخون = لکڻ پڑهڻ جي هدايت يا تعليم] مذهبي تعليم ڏيندڙ – فقيه ـ مُلاَ. سکيا ڏيندڙ – مُعَلّم – اُستاد. اُمّت جي آخوند. اوڙ سڀ اُپاريا" (شاهه).

• **آد:** ث. [سن] منڊ –آغاز – شروع – ابتدا. ازل (صفت) اَصل. پهريون – بنيادي – آدي.

ـ **آد (يُ) اَنْتُ:** ث. اُهاڻيءِ يا هستي جنهن کي ابتداءِ انتها نه هجي (يا معلوم ڪري نه سگهجي).

ـ **آد بُنيَاد:** صفت. اصلوڪو – اصل جو – آدي.

ـ **آد (يُ) پُرش:** ذ. پهريون وجود يعني خدا.

• **آد پِرُوت:** ذ. وڏو پريت يا پهاڙ.

• **آد (يُ) ڪَارَڻ:** ذ. پهريون سبب.

• **آد (يُ) ڪَر:** ذ. صفت. خالق – خلقڻهار.

• **آدِپُرُوت:** ذ. وڏو پريت يا پهاڙ.

• **آدڪ:** صفت. جو آد وارن جي ڪهاڻي جاڻي. شروعات سان تعلق رکندڙ. بنيادي احوال ڏيندڙ.

ـ **آدِتُ:** ذ. صفت. آد ڪان – شروعاتي –اڳوڻو – قديم.

ـ **آدِيْ:** صفت. پهريون – اصلي. شروعاتي.

ـ **آدِيْ پُرش:** ذ. صفت. پهريون وجود. ست جڳ جي زماني جو هڪ قديم بزرگ. معصوم هستي. پرهيزگار. سنياس جو يوگي.

• **آدُوسْتَا:** صفت. اڳاڻيءِ عمر جو –وڏيءِ عمر جو – پوڙهو – آدو.

• **آدُوسْتِيْ انگ:** ذ. آد ڪال مليل نازڪ بدن. بدن جا نازڪ عضوا. سڊول جسم.

• **آداب:** ذ. [ع. اَدَب ج آداب] چڱيون عادتُون – اخلاق. ادب جا قاعدا. اطوار. دستور يا سليقا. نياز سان سلام – تعظيمون – ڪورنشون. تعظيم جا الفاظ (جي خطن جي شروعات ۽ لکجن). [ع. عذاب] تڪليفون – دُک – سوز – دَرد.

• **آداب بَجَا آڻڻ:** اٺ ويهڻ جا دستوري رسمي طريقا اختيار ڪرڻ.

ـ **آداب تسليمات:** ذ. سلامَ ۽ نياز.

ـ **آدابِ سِيکَارَڻ:** نشست برخواست جا طريقا سيکارڻ – اخلاق جي تعليم ڏيڻ. تهذيب سيکارڻ.

ـ **آداب شَاهَانَ:** ذ. بادشاهن کي سلام ڪرڻ ۽ انهن سان گفتگو ڪرڻ جا طريقا – ڪورنش بجا آڻڻ جا طريقا.

ـ **آداب صُحْبَتْ:** ذ. نشست برخاست ۽ گفتگو جا قاعدا.

ـ **آداب مَجْلِس:** آداب صُحبَتْ.

• **آداسِيو ج آداسِيا (ڪ):** ذ. ڪپڙي ۾ پيل ڇيو ڏاريو ڏڪر –چتي. گج يا چولي ۾ وجهڻ لاءِ رنگين ڪپڙي جو ٽڪر.

• **آدانُ:** ذ. [سن] ڪنهن جي اڇڻ تي وڌ جي صورت ۾ ڪيل استقبال –آڇيان – خيرمقدم.

• **آداهُ:** ذ. صفت. [سن. ۱. اَرْدَ = آدَ؛ ۲. اَرْدَ = ڪارائيءِ سان پورا ٻ ڏڪر ڪيل] ٻ ڏڪر – اڌ واڌ. پور پور – چيهُونْ چيْهُونْ "ڏلو دور درياه جي. ڪيو ارادي آداهَ" (شاهه).

• **آدِتُ:** ذ. [سن. ۱. آدِشْتَ = آد ڪان پيدا ڪيل تارو؛ ۲. آدِتيہ] سڄ ـ سورج – شمس ـ آدِت. آدُو رڪن جو تخلو يعني پيغام ـ نياڻپ – آدِتْ چنڊ ان کي. ڏيان. جو روئي" (شاهه).

• **آدَر ج آدَرَ:** ذ. [سن. آدَرَ = (آ = سان + دْرَ = عزت ڏيڻ)] عزّت – تعظيم – مان. مرحبا. آڇيان.

ـ **آدر پاڻ:** ذ.عزت جي هلت – مانَ ڏيڻ جي حالت. عزّت – احترام. مرحبا. گهٽي عزت. مهمان نوازي. خدمت خاطري.

ـ **آدَرْعَڪَارَ:** ث. مانُ – عزّت. مرحبا – آڇيان.

• **آدَرْشُ:** ذ. [سن. آ = جڳي طرح + دْرشَ = نهارڻ] آرسيُ – آئينو. علم اصول جو ڪتاب ۽ان جو لکيل نسخو. قلمي نسخو (جنهن تان نقل ڪيو وڃي). نقل. شرح تفسير [سن. آدرِ شہ] نمونو – مثال. نصبالعين. اعليٰ مقصد.

• **آدَرْشِيْ:** ذ. صفت. اصول تي هلندڙ (جهڙوڪ رشي. مني. وغيره) – بااصول. نيم تي پيروي ڪرڻ لائق.

ـ **آدَرْشِيْ جِيْوَ:** بين لاءِ مثال جوڳو ماڻهو – مثالي ماڻهو.

• **آدُصَادُ:** ذ. [ع. عَادُ ثمود] عربستان جون ٻ مشهور قديم قومون. عاد ۽ ثمود. [سن. آدَسَمَادِيہ. آدَ = اصلي + سَمَادِيہ = انسان جهڙي بشري قوم] قديم بشري قوم (جنهن مان انسان جو حسب نسب هلندو اچي). قديم تومون. (ظرف.) اصل ڪان – آڳاتو "آدَسَمَادَ ڪان اهو رواج هلندو اچي" (جملو). (ذ) حسب نسب.

ـ **آدمُ:** ذ [ع] پهريون ماڻهو – انسان ذات جو ڏاڏو. خليفة الله. پهرئين پيغمبر جو نالو (حضرت آدم عليه السلام). خَلق –ماڻهو – آدمي (جمع م.). اُٺ جو هڪ قسم (پوري يا ڪڪي رنگ وارو). هرڻ جو هڪ قسم. (پوري رنگ جو. ٻڪريءِ تي ڪارن ترن سان).

ـ **آدَم بُوْ:** ث. ماڻهوءِ جي ڏَڻ (جيئن ديو پوت کي اچي). ماڻهو.

ـ **آدَم بُوْ ڪرڻ:** قديم ڏند ڪٿائن موجب ڪنهن ديو. راکاس وغيره جو ماڻهوءِ جي ڏڻ سڃاڻي ان کي مارڻ جو قصد ڪرڻ. ڪنهن تي ڪاوڙ ۽ غصي ۾ اچي بچا ڪرڻ ۽ سندس لاءِ سزا يا مارڻ جو قصد ڪرڻ.

ـ **آدم بيزار:** ذ. صفت. ماڻهن جي صحبت کان ٿهندڙ ـ بري پڇندڙ ـ ٿهندڙ. اڻ سڌريل ـ جهنگلي. اڻ هيرو جانور (جو ماڻهو هيرائي نه سگهي).

• **آدم پوڙيون:** ٽ. زالون، پاڙي پٽي يا ڳوٺ راڄ جون عورتون.

ـ **آدم ثاني:** ذ. ٻيو آدم. حضت نوح عليہ السلام جو لقب.

ـ **آدم ڇُشُر:** ذ. شيرين اکين وارو منحوس (گهوڙو يا ماڻهو).

ـ **آدم خورُ:** ذ. صفت. ماڻهو کائيندڙ (ديو يا انسان). وحشي يا ڏاريندڙ (جانور). بيرحم ـ سنگدل (اصطلاحاً) وياڄ خور.

ـ **آدم ذات:** ذ. انسان ذات ـ ڪُل ماڻهو ـ بني آدم ـ بني نوع.

ـ **آدم زاد:** ذ. صفت. آدم جو چٽيل ـ انسان مان جاول ـ آدم جو اولاد ـ بني نوع انسان.

ـ **آدم شُماريُ:** ٽ. ماڻهن جي ڳڻپ. سرڪاري طور ڏهه سالي (ماڻهن جي) ڳڻپ ـ مردم شماري.

ـ **آدم شناسُ:** ذ. صفت. ماڻهو سڃاڻندڙ. قدرشناسُ.

ـ **آدم شناسيُ:** ٽ. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ـ قدر شناسي.

ـ **آدم گريُ:** ٽ. انسان کي انسان بنائڻ جو ڪم. اخلاق سيکارڻ جو ڪم ـ آدميت جي تعليم. آدميت ـ انسانيت. خوش اخلاقي. نرمي. مروّت. درد مندي. همدردي. دانائي ـ چالاڪي.

ـ **آدم قدُ:** ذ. ماڻهوءَ جو قدَ (بن پهرن جي وقت. جنهن ۾ سج جو پاڇو ماڻهوءَ جي قد ۾ لڪي ويندو آهي) "پاڇو آدم قد اڄي ـ ڏيڍ هاري ٻيو هجي".

• **آدمائيُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **آدميُ ج آدمي:** ذ. [ع. آدَمُ: ف. آدمي] آدم زادو ـ ماڻهو ـ بشر ـ انسان ـ آدَمُ. سمجهو ساهوارو ـ ذهني. جيءَ وارو ـ آبدار (گوهر يا موتي).

ـ **آدميُ بڻائڻُ:** ماڻهو ڪرڻ ـ ماڻهپو سيکارڻ ـ مُهذب بنائڻ. تهذيب ۽ اخلاق سيکارڻ "علم آدمي ٿو بڻائي ٿو توکي، سُڀاويڪ ۾ هو نيائي ٿو توکي".

ـ **آدميّت:** ٽ. ماڻهپو ـ انسانيت. سمجهه ـ عقلمندي ـ شعور. شرافت.

ـ **آدميّت سکڻُ:** ماڻهپو سکڻ ـ شعور سکڻ ـ عقل ۽ تميز سکڻ.

ـ **آدميّت کان لنگهي وڃڻُ:** انسانيت کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

ـ **آدميُ ٿيڻُ:** ماڻهو ٿيڻ ـ ماڻهپو ڪرڻ. انسانيت ڏاڻ.

ـ **آدميءِ جو اُڏامُ:** عقل ۽ فراست جو پرواز ڪرڻ. دوراندیشي ڪرڻ.

ـ **آدميءِ جي پرکا ڪرڻُ:** ايسانداري ۽ وفاداريءَ جو اندازو لڳائڻ.

ـ **آدُوتيُ:** اسم خاص. هندو فقيرن جو هڪ گروه ـ آدوتي.

• **آديسُ:** ذ. [سن. ١. آديش < آ دِش = اشارو ڪرڻ. ديدار ڪرڻ. ڏسي خوش ٿيڻ] گروءَ کي (ڪيل) شوق ۽ مجتا جو سلام. هٿ جوڙ ـ نمسڪار ـ نياز. مٿي ٽيڪ. نمرتائي ـ نمرتا. جوڳين جو سلام. نصيحت. تلقين. سمجهائي "آديسي، آديس! هتان ڪري هليا" (شاه). [سن. آديش <دشا = جهڳمگ وارو ڏيک. نوراني چهرو. ٢. دشّ = ديدار يا زيارت جي خوشي] روشن ضمير مرشد جي منهن جي نوراني رونق. روشن خيالن جو نتيجو. نمشڪار. آگيا ـ حُڪم. [سن. آديشا] اڳواٽ جي خبر ـ اڳڪٿي ـ پيشنگوئي. تارن جي ميلاپ جو نتيجو. [صفت] غير ملڪي ـ پرديسي. جنهن جو ڪو مڪان نه هجي ـ لامڪان.

ـ **آديسُ ڪرڻُ:** سلام ڪرڻ ـ نمسڪار ڪرڻ "تنهين کي تارن. اڄي ات آديسُ ڪيو" (شاه). نصيحت تي عمل نه ڪندڙ هنيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي حال تي رهڻ لاءِ چڏي ڏيڻ.

ـ **آديس گرُوُ:** ذ. مرشد کي نياز. نمرتا ۽ خوشيءَ وارو سلام (جنهن ۾ پيشانيءَ تي هٿ رکي ڪنڌ هيٺ نمائيو آهي). سنياسي فقيرن جو پنهنجي گروءَ کي سلام. حڪم جي مجتا. گروءَ جو حڪم.

• **آديسيُ ج آديسيُ** ذ. صفت. سر نمائيندڙ ـ مٿو ٽيڪيندڙ. گروءَ جي حڪم ۾ (هميشه) رهندڙ. فرمانبردار. جوڳي فقيرن جو هڪ "گروه" ـ ڪن چير فقير. الله لوڪ. الڳي ڪهڙي مُلڪ جو. لامڪان فقير. نصيحت ڏيندڙ "آديسي الڳي ويا، مڙهيون مون مارين" (شاه).

• **آديشُ:** ذ. [سن] آديس. حڪم ـ فرمان. تعليم ـ سکيا. تلقين.

ـ **آديشُ گرُوُ:** ذ. آديسي. فقيرن جو نعرو. جوڳيءَ جو گروءَ کي سلام.

• **آدِيُنَ:** ذ. [ف] جمعي جو ڏينهن.

• **آذ:** ٽ. [سن. آدَه] فڪر ـ چنتا ـ آندَ ماندَ ڏراوت. گروي ـ گهُرَ. پٽَ ـ مصيبت.

• **آذ ج آذ:** ذ. اڏمو. جوش جذبو. "اندر تن آديسين کي، آذ اڏمڻا آهين" (لطف ا قادري).

• **آذا:** صفت. [سن. أرْدَ =اذ] أذ ـ بن پورن حصن مان هڪ حصو.

• **آذارُ:** ذ. [سن. آذارَ (آ + ذُرْ = تي رکڻ. جهلڻ. ٽيڪ ڏيڻ) = جَهَلَ. ٽيڪ] ٽيڪ ـ سهارو ـ تکيو ـ جهلَ ـ پَر. ڏي. آڏر. آسرو ـ پروسو. مدد ـ همراهي. حوصلي افزائي. تربيت. ٽان. حوض. وڻ جي پاڙ جي چوڌاري ڇت يا تانئر بند.

• **آذارڻُ:** مصدر. [سن. آذارڻ (آ + ذُرْ = جهلڻ) = ٽيڪ ڏيڻ] آذر ڏيڻ ـ ٽيڪ ڏيڻ ـ پشتي ڏيڻ. ٽورو مٽي ڪڍڻ. برپائڻ ـ سرجائڻ ـ برجائڻ ـ ڏاڙائڻ. همت افزائي ڪرڻ. سڌارڻ ـ هيرائڻ. ترقي ڏيڻ (آذاريو ـ آڏراريندو ـ آذاريل).

• **آذاريُ ج آذاريُ:** ذ. صفت. هيريل ـ هٿ هيرو ـ هٿالو. وهُو (جانور يا وهٽ وغيره) "جي آذاري نه آهي تہ ساڏاري ڪيئن ٽيندو". سيکڙات.

• **آذاري ڪر ڪڍڻُ:** برپائي يا ريجهائي نرميءَ سان ڪر ڪڍڻ.

• آڏاهُ: صفت. [سن. آرڏ] اڏ –آڏاهُ.

• آڏائُون ج آڏائُونْ: ذ. [سن. آرڏ = اڏ] اڏ سال يعني جيت ۽ ڪتي، جي وچ وارو ٽيون فصل (انّ، گدرا، گوار، جُوار، سائون، آڏائون وغيره فصل جي مارچ، اپريل، مئي مهينن ۾ ٿين).

• آڏَرُ ج آڏَرُوْ: ث. [سن. آ + چڱيءِ طرح + ڏر = جهلڻ، ٽيڪ ڏيڻ] ٽيڪ – آڏ – جهل – آڏ. ڏي – پروسو – سنڀارو – آڏار. اڇو – پناه. مدد – حمايت [سن.آدَر =عزت] عزت – مان – شان – آبُ. خاطر تواضع – مرحبا – آڇيان.خدمت – چاڪري – ٽهل. سنيال.

• آڏَرُ ج آڏَرْ: ذ.[سن. آ + ڏر =ٽيڪ، جهلڻ] جند وغيره جو هينيون پڙ.

• آڏَرَواڻ: ذ. آئي جي عزت، تعظيم – سواگت – خوش آمديد. مرحبا – آڇيان. خاطرمدارت، ٽهل ٽڪور.

– آڏَرَواڻ ڪرڻ: آئي جي عزت ڪرڻ – ٽهل ٽڪور ڪرڻ. مان ڏيڻ. تمام گهڻي، عزت سان خدمت ڪرڻ.

• آڏر ڏيڻ: مدد ڪرڻ. تسلي ڏيڻ، عزت ڏيڻ خاطر مدارت ڪرڻ.

– آڏَرڪرڻ: آدر پاڻ ڪرڻ. عزت ڏيڻ. مهمان نوازي ڪرڻ.

• آڏرُ ج آڏرْ: ذ.[سن. آ – ڏر= ٽيڪ، جهل] جند وغيره جو هينيون پڙ.

• آڏلُ ج آڏلَ: ذ. [سن. آرڏ = اڏ] کجور يا کارڪ جو اڏ – أڏرُ – آڏيو (ت) – آڏيلو (وڇولي).

• آڏلُ: مصدر. آڏيڻ ڪائنُ – ٽاپا جهلڻ –آڪرڻ. (آڏيو – آڏڻدو – آڏيل)

• آڏِيو ج آڏِيا: ذ. صفت. [سن. آرڏ = اڏ] اڏ پائيوار – حصه دار. (ذ) ڳوٺ جو اڏ – آڏيُ.

• آڏل (ت): صفت. [سن. آرڏ = اڏ] اڏ (زمين جو پوک جو، پائيچاري جو).

• آڏلُ: ث. [ملتاني] اڏ ڪوهه –ڪاه (ل).

• آڏو: صفت. [سن. آرڏ] اڏ – نيم – نصف.

• آڏورَهُ: غافل رهڻ – سُست رهڻ (ڪم تي).

• آڏوٽِي ج آڏوٽِيُ: صفت.[سن. ١. آڏوٽ = جدا ٽيل، تياڳيل؛ ٢. أوڏو (أو = هيٺ + ڏوتَ = ڏَٽيل < ڏوْ – ڏُرٽڻ) جنهن دنيوي خواهش کي ڏوٽي ڇڏيو هجي] دنيا کي ترڪ ڪندڙ – تارڪ تياڳي فقير. (دنيا سان لاڳاپو ٽوڙيندڙ) فقير "عدم جي اوڙاه تي، ڪيا آسڻ آڏوٽين" (شاه). سنياسي. ويراگي. سادو. جوگي.

• آڏوڙو ج آڏوڙا (ت): ذ. صفت. [سن. آرڏ] اڏورو – اڌ ڏورو. اڌ پُورو. بيڪار – نڪمو. غافل – سست.

• آڏولِ (ل): ث. [سن. ١. آرڏ = أڏ، ٢. آدولَ = ڏول جيان مٿي ٽنگيل چوڙو]. بکريءَ يا ڍڳي جي اڏ کل (جنهن تان وار ڪڍي ڇڏڻ بعد جا چوڙا وهمي رڳڙ لاءِ ٽنگي ڇڏبي آهي). آڏ يا ٽسانگ تي ڇڙهيل (سبيل) چوڙو (جنهن ۾ رڳڙ لاءِ ڇڏ جي چوڙي يا رنگ جو پاٽي وهنجي). اڏوڙ. (صفت) ڦرڪيل – سُڄيل. ٽلهو – متارو.

– آڏولِي ج آڏولِيُونْ: ث. اڏولي.

• آڏهي: ذ. هندو فقيرن جو هڪ قسم – آديسي.

• آڏِيٽانگ: ذ. [سن. آڏ + أنڪا] ڪاٺ جي اڏاوت جو وڃ. ڇن منزلن يا هڪ منزل جو وڃ (جنهن ۾ ڪا شيءِ لٽڪائي ڇڏجي).

• آڏِيُ ج آڏِيُونْ: ث. [سن. آرڏ = اڏ] اڏ (ريبو) – آڏيو. اڏ رات جو وقت –اڏ رات. بيگاه، وقت – ڪمهلائي "آڏي مانجهي" اڏ عُمر جي وهي –اڏوڙ عمر – أڏ وهي.[سن. آڏ] من جي جُڪ جُڪ – هُر ڪر – آنڊ مانڊ. ڇٽتي – چنتا – فڪرات. درد. تڪليف. بيماري. ڪاٽ ۾ سَلّ ڪرڻ لاءِ سيراڻي، جو هڪ قسم.

– آڏِيُ أڏُ: صفت. پورو اڏ – اڏو أڏ.

– آڏِيُ راتِ: ث. اڏ رات. بيگاه، وقت.

– آڏِيءِ رات شيُ کڻ ۾ ڪرڻ: نقصان ۽ چيهي جهڙو ڪم ڪرڻ.

– آڏِيُ ڪرڻ: دير ڪرڻ – اوير ڪرڻ.

– آڏِيُ ماڻجهيُ: ث. اڏ رات – آڏيءِ ڌاري. (ظرف) ڪنهن ۽ مهل. هر وقت – اويل سويل.

• آڏِيارُ آڏيرو: ذ. [سن. آرڏ = اڏ] أڏو أڏ – اڏو پتي. پائيواري.

– آڏِياري آڏيرو ڪرڻ: شراڪت يا پائيواري ڪرڻ – حصي داري ڪرڻ "آڏيارو مال".

• آڏِيارِيُ ج آڏِيارِيُونْ(ڪ): ث. [سن. آرڏ =اڏ] چارائي، جي عوض چوپائي مال جي پيدائش جو اڏ (يعني. ڪُل چوپاين جي اڏ چوپاين جي پيدائش. جهڙوڪ. ڪير. مڪڻ. گيهه. ڏاس وغيره. جو چارائي، عوض ڏجي).

– آڏِيارِيُونْ ڏيڻ: پيدائش مان اڏ ورهاست جي حساب سان ڏڪيون. مينهون وغيره چارائڻ لاءِ ڏيڻ.

• آڏِيُ اوهارُ: ذ. هَرلي ۾ ڪر ايندڙ هڪ ڪائي (جا نار جي اوهاري جي اڏ جيتري ٿئي).

• آڏيرُ: ذ. آڏار.

• آڏِيُ رَنبو: ذ. رنبي جو هڪ قسم – ڏَري ڪوٽڻ جو رنبو.

• آڏيرو ج، آڏيرا: ذ. صفت. [سن. آرڏ] اڏورو – اڌ جهڙو. اڌ پُورو. بيڪار – نڪمو. غافل – سست.

• آڏيرا ڪائنُ: آڏيڙا ڪائنُ.

• آڏيڙو ج آڏيڙا: ذ. [سن. ١. آڏير =ڏڏندڙ؛ ٢. آرد + ولير] اڏو گابرو ٽاپو (جنهن ۾ ماڻهو ڪڍ ڪان بچي وڃي). ـ ڏڪو – ٽاپو – ڏوماهي.

– آڏيڙا ڪائنُ: ٽاپا ڪائنُ – ڏڪا ڪائنُ – ڏوماڻون ڪائنُ

• **آڏيڪو ج آڏيڪا:** ذ. صفت. [سن. اَرْدَ] اڏ جيترو ــ اڏ ڪن ــ اڏو گابرو. اڏ پريل ــ اڏيڪو.

• **آڏيگامُ:** اسر خاص. تعلقي ننگرپارکر ۾ هڪ ديهه جو نالو "اڏ ۾ آڏيگام. اڏ ۾ سجو پارکر".

• **آڏيلو ج آڏيلا:** ذ. [سن. اَرْدَ + اڏ + ايلا (پڇاڙيءَ جي) نشاني] پُسي جو اَڏ ــ اڏبڻسو ــ ڏيڍ پائيءَ جو سڪو.

• **آڏيُنَ:** صفت. [سن. اَڏين = (اَ < آ = نہ + ڏِيْن < دِنَيہ = رهڻ جي جاءِ) جنهن جو گهرگهاٽ نہ هجي] گهر ــ بي اجهي ــ بي وسيلو. محتاج ــ پَروَسُ ــ ويچارو. خيرات جي آڌار تي رهندڙ ــ فقير. غريب ــ مسڪين.

ـ **آڏِيُنتا:** ث. بي وسي. محتاجي. فقيري. غريبي ــ مسڪينيءَ.

• **آڏِيوُ ج آڏِيا:** ذ. [سن. اَرْدَ = اڏ] اڏ ريبو ــ آڏِيُ. نندي بوتل ــ ڏُنگِيُ. اڏ کارڪ ــ اڏُوُ ــ آڏيلو. [سن. آرتو] سنهون ڪپڙو ــ شينر. ڪپڙي جو هڪ قسم. شريتائين ململ جو ٿانُ. جوئر جو هڪ قسم ــ آڏائون ۽ ان جو ٻُڍ.

ـ **آڏِيا ڪرڻ:** ڪجيون اڏ ڪري سُڪائي رکڻ.

• **آڏُ، آڏِ ج آڏُوُنُ:** ث [سن. ١. اَدَرُ ٢. آدِ = آدو وڌائڻ. ٣. اَگ = آدو اڇڻ. ڍڪڻ] آڏورڪيل. شيءِ يا اٽڪ]. روڪ ــ رندڪ ــ آڙ ــ بندش ــ اٽڪاءُ. جهلُ. آجهو ــ سهارو ــ پناهہ ــ سڙهہ جي جهلَ لاءِ ڪائِيُ. ڍڳي گاڏيءَ جي هڪ ڪائي. ڏنگائي ــ ڏِنگ ــ تِرجانِ. ڪوڙو سَبَبُ. [سن. ١. آرِجَا. آروُجا = پيشانيءَ جونشان: سن. ٢. آرج = چوپائي جي پيشانيءَ تي ٻولاهو نشان: ٣. آرڪا = واءُ (و) جو نشان. ڳاڙهو ٽِڪو. ڳاڙهُي ٻيرِ] پيشانيءَ جو نشان. چوپائي جي پيشانيءَ تي ٻولاهو نشان. (هندن ۾) گهر جي در تي واءُ (و) جو نشان. واءِ جي ٻيرِ (هندو مهتا ۽ باراني ملڪ جا هندو آرگا جي پرچا ۾ ڪندا آهن. جو بارش جو ٻَٽ ٻہ آهي. ۽ مثانس ڳاڙهي ٻيرِ ڪوڙيندا آهن). درتي ڪوڙيل ڳاڙهي ٻيرِ ــ وارڪ. سُندر ڳاڙهو ٽِڪو. فقيرن جي نراڙ تي ڳاڙهو تلڪ. ٻيڙيءَ جو منهن وارو پاسو ــ اڳيل ــ آڏيُ. صفت. [سن.آد] اصل ــ پهريون ــ خاص.

ـ **آڏِ اُکِريُ:** ث. ڏِنگن اکرن واري تحرير ــ اڏ اکري. مُنجهيل لکڻي. اکرن ۾ لِکل گُجهارت ــ مُعمّا (گجهارت) جو هڪ قسم.

ـ **آڏُ ڏيئِ ٻيهڻُ:** از جهلڻ. رندڪ وجهڻ ٻانهون ساهي گوهڻِ ڪري ٻيهڻ. وارو نہ ڏِيڻُ.

ـ **آڏُ هلڻُ:** ٻيڙيءَ جو ٽانگهي پائيءَ جي ڪب يا واريءَ ۾ ٻيهي رَهڻ ــ آڏيُ هارڻُ.

ـ **آڏُ وَڃائي ٻيهڻُ:** ورندي ڏيڻ ــ جواب ڏيڻ. آڏو جواب ڏيڻ. منهن تي جوڻ. بي ادبي ڪرڻ ــ گستاخي ڪرڻ.

ـ **آڏُ هٿڻُ:** ٻيڙيءَ جو اڳ لڳي ٻَوڻُ ــ آڏيُ هٽڻ. ابتي سُٻتيءَ هوا سبب سڙهہ جي آڏ ڪي هيڏانهن هوڏانهن لوڏڻ ــ آڏيُ هارڻ.

ـ **آڏُ هُڻِي ٻيهڻُ:** ٻيڙيءَ جو گهي ٻيهڻ. مشڪل سان هلڻ.

• **آڏا آڏي:** سامهون آڏي (هاٿي جڏهن پاڻي لهي ويو آهي. تڏهن آڏا رڄ آڏي ان جا ڪلا ٽوڪي مضبوط ڪري چڏيا اٿن).

• **آڏُ انگُڙِيُ (ڪ):** ث. وَل جي اک. وَل جو هڪ قسم.

• **آڏَارَ (ث):** ذ. آڌار.

• **آڏَارُ:** مصدر. [سن.آدُرِيُ (آ = چڱيءَ طرح + دَلَ = ڏَرَڻُ) = چِيرڻُ] ڏَرڻ ــ ڏَڏَر ڪرڻ (اَناج. دالين. جانور. ساريون وغيره). جندريءَ يا جندڙيءَ (ت) ۾ ساريَن جا ٽُهہ لاهڻ ــ ڏَرڻ. چِرڻ (جانور). ڏارڻ ــ چِيرڻ ــ ڦاڙڻ. ڦوڙڻ. ٻہ اڏ ڪرڻ. چير ڦاڙ ڪرڻ. تنڪر تنڪر ڪرڻ (ڪاڻي يائنڊ) ــ ڦوڙانيون ڪرڻ. جلهڻ ــ چِنڙُ ــ گڏڻ. ٿونڊن جي مار ڏيئي نرم ڪرڻ (چوڙي ڪي). خوب مار ڪيڻ ــ اڏ مُٺو ڪرڻ ــ جاگورڻ (ڪِلهِ جُوئرڪي ڦُلارڻ لاءِ) نيم گرم پاڻيءَ ۾ اوباريڻ. اڏو گابرو رڏڻ ــ اڏ اوبارو ڏيڻ ــ اوبارڻ. اڏ گرم ڪرڻ. انُ. چٽا. وغيره گرم پاڻيءَ ۾ وجهي پسائڻ (جيئن ڪلون آساڻيءَ سان لهي سگهن). ڪُڪرُ. گوشت. مڇي. ڊونرا وغيره گرم پاڻيءَ ۾ اوبارڻ (آڌاريو ــ آڌاريندو ــ آڌاريل).

ـ **آڏاري چَڏڻُ:** جلهي چڏڻ ــ مار ڏيئي هڏ ڳڏ ڇڄي چڏڻ.

ـ **آڏاري رَکڻُ:** ڪُٽي نرم ڪرڻ ــ ڏک هٽي ساٽو ڪرڻ. جاگوري وجهڻ. گوشت وغيره کي (بانسي ٽيڻ ڪان بچائڻ لاءِ) ٽهڪائي رکڻ.

• **آڏَارو ج لاڏَارَا:** ذ. [سن. آوَدَارَ = هوا نڪرڻ جو ٽنگ] نهاٽين مان دونهين نڪرڻ جو سوراخ.

• **آڏانگڙي (ڪ):** ذ.ث. وَل جي اک. وَل جو هڪ قسم.

• **آڏاٽوج آڏاٽا:** ذ. [سن. ١. آواپَن = آڏاٽو. ڪپڙي اٽڻ جو اوزار.ريل ياجوڪ (جنهن تي ڏاڪاويڙهجن). اُبرو. ٢. اَوُت = ڪڍ. ڪپڙي اٽڻ جي جاءِ] ڪورين جي اُٽاوت جو مانڌاٽو ــ ڪپڙي اٽڻ جا اوزار ــ ڪورڪو مانڌاڻ. ويهي اُٽت ڪرڻ جي ڪَڍ(ث). [سن. آدَ = اڏ] وَڻن. لينڊ ۾ پَڇڙن جو پجرو (چپر ناهڻ لاءِ). ڊينگو (نار جو). [سن. آڌارَڻ] عوض ۾ رکيل شيءِ ــ گروي ــ گِهہ (ث). ڏوبين جي اصطلاح ۾ ڪپڙا ڦرهي تي ستي بعد ۾ (سڪائڻ کان اڳ ۾) نپوڙيل ڪپڙن رکڻ جو ڪپڙو يا چادر.

ـ **آڏاٽو آڏَنُ:** آڏاٽُ ناهڻ. ڪا وَڏي اڌاوت ڪرڻ ــ ماندائو مندڻ. وڏو پجرو (گهر ناهڻ لاءِ) تيار ڪرڻ. گهر ناهڻ "پڪا پڪن سامهان. آڏاٽا نہ آڏي ويا" (شاهہ).

• **آڏاويس:** ظرف. [سن. اَشَاشْوَتَ = ناٽ جونسونو. وضع قطع] نموني

طور – ڏسڻ لاءِ ـ عارضي –في الحال – بالفعل. (ذ) ڏيڪ ويڪ جي عارضي اڏاوت. بيڪ – نمونو. نمائشي نمونو – جنس جو نمونو. حُسن جو جلوو.

• **آڏَتَ:** صفت [سن. ١. آ + ٽريَجَ، ٢. اڳ وَ تَ = اڳ ڦريل، ڏنگو ورايل] اڳيون پاسو ڦريل (اڏاوت جو) – آڏو – ڏنگو – ترڇو.

• **آڏَتُ:** ذ. [سن. ١. آدتيَهَ؛ ٢. آدَتَ= هڪ ديوتاجو نالو] سڄ ـ سُورج – آدتَ آڏر آڏت اَپريو. وهائيءِ وڻڻ پَوڻر (شاهه) تارن جي هڪ ميڙ جو نالو. هڪ تاري جو نالو (جيڪو وڃي ٿو تہ ان تاري اَپرڻ سان پاڻي سڪڻ شروع ٿئي ٿو) – سُهيل تارو – ايٽ تارو. صبح جو اُپرندڙ تارو – وهائڙو تارو. چند جي ستين منزل (علم نجوم جي اصطلاح ۾ چند جي گهٽتا وڌي جوٽين جوٽين ڏينهن ظاهر ٿيندي آهي، ان حساب سان ٧ X ٤ = ٢٨ ڏينهن بعد ٻہ ڏينهن گم ٿيندي آهي). [سن.آدَشَ = ٻہ انهين ملڪ جي قاصد جو پيام] حُڪم – فرمان. پيغام –نياپو – سنيهو "آڏت چٽج ان کي. ڏيانءِ جي روئي" (شاهه). (صفت) ٻہ انهين ملڪ ۾ (ڪنهن جي طرفان واپار ڪندڙ دلال – پلاڙو – گماشتو – آڏيتو.

ـ **آڏتوار:** ذ. سڄ جو ڏينهن – آرتوار – آچر.

ـ **آڏتيو ج آڏتيا:** ذصفت. گماشتو – پلاڙو – آڏت. واپاري سماءَ ڏيندڙ.

• **آڏتراچا:** صفت. [جمع. واحد. آڏ تراچو] ڏنگا ڏڏا – آڏا ٽيڏا (جبل جا لڪ گس) "آڏ تراچا آهڙاڏونگر کي ڏاڪا" (شاهه). ڏسو "آڏتراچو".

• **آڏ ڏرجو ج آڏڏرجا:** ذ. صفت. [پرا. ترچ: سن. ١. آڏرت (آ =تائين، جوڏاري+ ڏرتَ = ڦرڻ)، ٢.آترچه = ڏنگو] آڏوتيڏو –ڏنگو ڏڏو –تيڏو ترڇو – ور وڪڙ وارو. اُبتو سبتو. هيٺ ٿيو "آڏ ترچا آهڙا. ڏونگر کي ڏاڪا" (شاهه).

ـ **آڏترو ج آڏترا:** ذ. صفت. آڏترچو.

ـ **آڏتري ج آڏ تريون:** ٿ. آڏ ترڇي (پٽ جي ور وڪڙ واري چاڙهي يا لڪ).

• **آڏتري:** اسم خاص. ٽر ۽ پارڪر جي وچ وارو ملڪ ("ويرا واه" کان هيٺ لهندي "آڏتري" شروع ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪئي ننڍيون ٻليون تہ ڪئي سنئون ٻٽ) لنگهي آڏتري، ڪنهن ايءِ اڳانهان اوهريا" (شريف شاهه).

• **آڏَرَ آڏَرَ:** ذ. [سن. دُروڻي] جويائي مال کي گاهه يا ڏاري ڪارائڻ لاءِ ٽڪر جو ويڪرو ٽاڻ ۽ ياپاتوڙو – ڪونڙ – آهرو – هودي (حوضي) – بَنڊَر (ت). (ڦلن پَڇڻ لاءِ) ڪڇيءِ متيءِ جو گنڍڙو. ڪڙن جي ڪڏي. ڪلڻ (جَوش) کي ڦلن پَڇڻ کان اڳ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو يا اوبارو. گوشت کي ڪني ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو. [انگ. Order] آرڊر.

ـ **آڏرڪرڻ:** ڪلڻ(جَوش) کي اوبارو ڏيئي ڦلن ٽاهڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

• **آڏِرا(ت):** ٿ. [سن. آدَرَ] آدر –آدَر – مرحبا ـ پَليڪار.

• **آڏوا (ت):** اسم خاص. ميڱهواڻن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **آڏِ آڏِ ج آڏِيون آڏِيون:** ٿ. [سن.آڏَري = ٽيڪ ڏيڻ] ٽيڪ – جهلَ – آڏ – آڏ. روڪ ـ رندڪ ظلم جو هڪ ڏاڪ (اصطلاحاً)عذر – مُنهن – بهانو.

• **آڏاري، آڏاريو ج آڏاڙي، آڏاريا:** ذ. صفت. آڏ ڏيندڙ. ٻئي بدران آڏو ٽيندڙ. عذر ڏيندڙ. نٽائيندڙ.

ـ **آڏاريون ٽيڏاريون ڏيڻ (ت):** عذر بهانا ڏيڻ.

• **آڏمر:** ٿ. ٻن ڪنڊ ننڍين ڪاٺين تي رکيل آڏي ڪاٺي واري اڏاوت (جنهن تي ڪو ڪپڙو وڇهي آديسي فقير اولهہ ڪن) "ڪني آڏمر ڪاپڙيين، ڪي بازارين وهن" (لطف، قادري).

• **آڏڻ ج آڏڻيون:** ٿ. يلن مان جي جار سُڪائڻ لاءِ ڪاٺ جي ٽهيل گهوڙي. جيڙيا ڪڙڪي پجري بڏڻ لاءِ ڪاٺ جون ڪنڊ مَٽيون. ڏانڊي پڪيءِ جو هڪ قسم (جو پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻڌن تي ويهي جيت جهتيندو رهندو آهي) – پانڊو – پانڊي جو ڪاٺ – پڳهلو. شڪار جو هڪ نمونو (جنهن ۾ پانڊوڙيا آڏڻ هٿرادو ٿاهي، پاڻيءَ ۾ بيهاريو ويندو آهي. ۽ شڪاريءَ کي پڳهلي جو هٿرادو منهن پوش جڙهيل هوندوآهي. جنهنڪري آڙيون ۽بدڪون بي خوف انهيءَ هٿرادو پڳهلي وٽ اچن. شڪاري انهن کي جهلي اندر ٽي اندر ڪاري ۽ هڏندو ويندو آهي. بندوق جي شڪار جو ٻڙ هي آسان نمونو آهي) ـ ڏکيو. رات جو ٽن پاسن کان جار بڏي پڪين ۾ ناهه آڻي شڪار ڪرڻ جو نمونو.

• **آڏڻ(لس):** ذ. اڳ. "جيائون ربني کي تہ ونئون آڏڻ ان" (نمر).

• **آڏو ج آڏا:** صفت. [من. ١. آ+ڏَرِيَچَ، ٢. اڳ = اڳَ، اڳيان] ڏنگو – ٽيڏو – ٽيڙو – ترڇو – آڙو. اُبتو – مخالف – آڙائو (واڙا). (ظرف) اڳيان – سامهون – روبرو – مقابل ـ سنمُک "آڏو چڪڻ چاڻه، منهنجي موج نہ ٿهي مڪڙي" (شاهه). آڙ پار. ڪٻتيو. خراب. ڪاوڙيل.

ـ **آڏا جواب ڏيڻ:** ڏنگا جواب ڏيڻ. اڻ وٽندڙ ورنديون ڏيڻ. سامهان جواب ڏيڻ. رَدَ ڪَدَ ڏيڻ.

ـ **آڏو آڙ لنگهڻ:** بٽ يا ٽڪري هڪ پاسي کان پارڪري ٻئي پاسي وڃڻ. جبل جهاڳڻ. تڪليف سهڻ.

ـ **آڏو اَچڻ:** سامهون اچڻ. ڪم ۾ رندڪ وجهڻ – رندائڻ. دشمني ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. لکيو لوڙڻ – ينهنجي عملن جي سزا پوڳڻ. بدلو ملڻ. خراب نتيجو ملڻ. ڪاوڙ ڏيڻ (در ڪي).

ـ **آڏو ٽيڻ، پَوڻ:** سامهون ٽيڻ. بي ادب ٽيڻ.

ـ **آڏوتيڏوج آڏاتيڏا:** صفت. ڏنگو ڏڏو – آسرو پاسيرو – انگڙو ونگڙو.

جهڙو تهڙو. معمولي. ان وٽندڙ.

ـ **آڏو ٽيڏو ڪم ڪرڻ**: خراب ڪم ڪرڻ – ان وٽندڙ ڪم ڪرڻ. هالو چالو ڪم ڪرڻ – معمولي ڪم ڪرڻ.

ـ **آڏو ٽيڏو هلڻ**: خراب نمونو اختيار ڪرڻ. اڻنگي نموني هلڻ.

ـ **آڏو ٽيڻ**: آڏو اڇي عيب ڏيکي.

ـ **آڏو سُوالَ ج آڏا سُوالَ**: ذ. ابتو سُوال. جوابي سُوال. رَد ڪندڙ جو سوال.

ـ **آڏو فَرياد**: ذ. فرياديءَ جي مقابلي ۾ جوابدار جو فرياد.

ـ **آڏوڪڏو ج آڏا ڪڏا**: ذ. صفت. ڏنگو ڪڏو – آڏو ٽيڏو.

ـ **آڏو ڪرڻ**: خواهه مخواهه مخالفت يا بديءَ ۾ زَهرُ – اڇيان اڇڻ – آڏو اڇڻ. مخالفت ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. اڳ ڪرڻ.

ـ **آڏو وَرُ پاسي ڪرڻ**: گمراهي ڏورڪرڻ –سنئين رات ڏيکارڻ. رسوسو ڪڍڻ.

ـ **آڏي پائي آڻ**: آڏو آڻ وڃي. آڏو ڏوهيءَ وارو ليڪ ڏيئي.

● **آڏيرو ج آڏيرا**: ذ. صفت. ڪجهه ڏنگو – پاسيرو – ٽيڏو – ڪُريل – وريلُ.

● **آڏ واهَر**: ث. ٻڌاءَ جي مدد.ازغيبي مدد – اوچتي مدد. قانوني ٻڌاءَ يا ڪنهن مشڪل ۾ ڪم آيندڙ مدد. چوريءَ جي شڪ ۾ جهليل مال. اڳ جي ٻڌاءَ جي قسم تي شاهدي پيش ڪرڻ جي حالت غير حاضريءَ جي (ڪورٽ ۾) پيش ڪيل شاهدي (نه موقعي تي حاضر نه هو).

ـ **آڏواهَر ڏيڻ**: ڪورٽ ۾ (ڪنهن شاهد يا جوابدار طرفان. غير حاضر رهڻ جي ڏوهه کان ٻڌاءَ لاءِ) قسم نامي تي ڪنهن جي شاهدي پيش ڪرڻ. اڳ جو ٻڌاءُ ڏيڻ.

ـ **آڏ واهَر ڪرڻ**: شڪ ۾ چوريءَ جي مال تي (پوليس جو) جڙتو پاڻيا ٻيهارڻ. مدد ڪرڻ. ٻڌاءَ جي شاهدي ڏيڻ.

● **آڏواڻي**: اسم خاص. آڏو مل جو اولاد. حيدرآبادي عاملن جي هڪ آکيه جو نالو.

● **آڏ وڏائي**: ث. حسبي نسبي يا خاندائي فخر. ورثي ۾ مليل عادت. اصل جي عادت – آڏ. وڏن جي ريت ڪامن اهنجي ڪَر جي. آڏوڏائي آهِ (شاهه). ابائي ڏاڏائي ريت. شرافت.

ـ **آڏوڏائيَ هُجَڻُ**: عادت هُجَڻُ – آڏ هجڻ.

● **آڏورو ج آڏورا**: ذ. ڇپر جو پاسيرو ورو. ٻيل گاڏيءَ ۾ ٻَر جي چيڙي ۾ لڳل آيي ڪاٺي (جنهن ۾ نارو ٻڌن ۾ پانڌاريءَ سان ڍڳا ڇڪين).

● **آڏوڻي ج آڏوڻيون (ث)**: ث. بن ڪنل ڪاٺين تي رکيل آڏي ڪاٺي – ڪاڇن.

● **آڏوڻي ج آڏوڻيون (ث)**: ث. اُها ڳالهه (يا عذر) جا آڏو آڻي جند ڇڏائجي – جند ڇڏائڻ لاءِ سڃي ڳالهه لڪائي پي (هتراڏو ناهيل) ٻڌايل ڳالهه.

● **آڏي ج آڏيون**: ث. صفت. [سن. آڏرِيَجَهْ] ڏنگي – ڪُڏي – وريل – ٽيڙي – ٽيڏي. اُبتي – مخالف طرف. [سن.آڳ =آڏ] اڳيان – سامهين (ث)آڏ – روڪ – رندڪ ڳجهارت. ڪُتر هٽڻ جي جاءِ (ت. ث) – آڏي. ٻيڙيءَ جو اڳيون حصو – آڏ – اڳيل.

ـ **آڏي آڇڻ**: مُنهن ۾ اچڻ – سامهون اچڻ. بدلو ملڻ. روڪ اچڻ.

ـ **آڏي ترڇي ٻڌائڻ**: گهٽ وڌ يا بدشد ٻڌائڻ.

ـ **آڏي ٽيڏي، آڏيون ٽيڏيون ڏيڻ**: اجايا بهانا پيش ڪرڻ.

● **آڏي پائڻ**: اڳيان ڪرڻ – سامهون ڪرڻ. مڃڻ – قبول ڪرڻ.

ـ **آڏي پَهَا ج آڏيون پَهاڻون**: ث. ڪورٽ ۾ مخالف ڌر جي ڪنهن به ماڻهوءَ يا شاهد کان سندس ڏنل بيان بابت قانوني پڇاڻ.ڏنل بيان تي منطقي سوال جواب – تفتيشي پڇا – پرکيا.

ـ **آڏي ڀارَڻ**: ميز بحرن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ جو اڳ لڳي پَوڻ. ٻيڙيءَ جو اوپاري طرف (پاڻيءَ جي زور سبب) مشڪل سان ڦرڻ يا هلڻ. لوڏا ڪائڻ. هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ. آڏ هَٽڻ.

ـ **آڏي پَهِا ڪرڻ**: شاهد کي منجهائڻ لاءِ آڏا ابتا سوال ڪرڻ.

ـ **آڏي وَرَندي ج آڏيون وَرَندِيون**: ث.آڏو جواب – منهن سامهون جوابِ ان وٽندڙ جواب.

● **آڏي ٿار (ث)**: ث. پرتَ جو هڪ نمونو.

● **آڏيتو ج آڏيتا**: ذ. صفت [سن. آ + دَشتا = پرانهين ملڪ جو واپاري يا قاصد] ٻاهرئين ملڪ جو واپاري – آڏتيو – گماشتو. پري کان نيابو آڻيندڙ – قاصد – پيغامي (ٻڪي، جهڙوڪ. ڪبوتر. طوطو. ڪانگل وغيره) "آڏيتا آڻيج. ڪوئي پيغام پرجو".

● **آڏيڏامراهُو**: اسم خاص. تعلقي وارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **آڏيريُ**: ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (ول وانگر. پن ڪنڊن وارا. سندس ڪاڙهو ڪَنگهه. سهڪيءَ. جلندر. سنڌن جي سُور ۾ حيض لاءِ مفيد.ٻوٽ پراڻي تپ ۾ خلط بلغم لاءِ مفيد. هن جو ڏينهو سُڪائي. ڪُٽي چاڻي مٽي جي سُور کان ناس ڏجي. دماغ جي رطوبت کي خشڪ ڪندڙ. ان جي ليري ناهي ٻڌبي ته پاسي جي سُور لاءِ مفيد). باد نجان بري (ف) "آڏيريءَ جان اُبتَ ڦريُ. واسينگ وجهن ٿا وَرَ" (پيربخش فقير)

● **آڏيسُ (ث ـ ل)**: ذ آديسُ.

ـ **آڏيسُ**: ذ. صفت. آديسيُ.

● **آڏيُ ڦري (ث)**: ث. پرتَ جو هڪ قسم.

● **آڏيڪ، آڏيڪي**:ذ. صفت. [سن. اَديڪْش]آسائتو –آسائتو – اميدوار.

● **آڏيو ج آڏيا**: ذ. ساهميءَ جي ڪاڻ لاهڻ جو وَڏَ – آڻ ـ پاسنگ.

(کوهه تي پير رکي پاڻيءَ ۾ ويڙهڻ لاءِ رکيل) پاتيي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هنيل پٽي. ٻيڙيءَ تان ڪَٻڙ تي ماڻهن جي لهڻ لاءِ ڪات جو تختو. هوڙي (ٻيڙي) جي اَڳيان جهلڻ لاءِ ڪات جو تختو. در جي ٻن طاقن مان هڪ کي وڌائي هنيل پٽي (جيئن در بند ٿي سگهي). در جي ٻنهي ٻاهرين کي ڳنڍڻ لاءِ هنيل ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي. ٻُڌن کي جيڙڻ لاءِ ٿُلهو ڪڙت.

• آبَرَ ج آبَرَ: ذ. [انگ. Order] آرڊر.

• آبَمْبَرُ ج آبَمْبَرَ: ذ.[سن.اَوِمْبَر] غرور_هُڻ.اميري انالي. حشر يا دبدبي جو ڏيکڻ. ٻاهرين ڏيک ويڪ. حشمت. دبدبو – نَٽ. اتالو. حملي کان اڳ بگل يا توتاري جو آواز. شروعات. ڪاوڙ – غصو – غضبه

• آبوڪو، آبوڪو ج آبوڪا، آبوڪا: ذ. صفت. [سن.آرْدْرَ، آرْدْرَكَا = اڌ خشڪ. آلو] ٽوروآلو – گهميل – ٽورو پُسيل. اڌ سُڪو (ڪپڙو) پوريءَ طرح نہ پُسيل (ڪات). (ث) آبوڪيُ، آبوڪي ج آبوڪيُونْ، آبوڪيون.

• آبوڪائيُ، آبوڪائي: ث. اڌ سُڪل هڻڻ جي حالت.

• آڀَ ج آڀُوْنْ: ث. [سن. ١. آ – مُرْدْ = مهڻ.انوهڻي هرلاهڻ. ٢.آپ – اڳيڙ = آڀَ. ٣.آدَيَ = مالش ڪرڻ] ويڙ جي سورن جي مالش. پيٽ جي سُورجي مالش. ڇڪيءَ جي مالش. مهت – مالش. مروڙ.

ـ آڀَ ڏيڻ: مهت ڏيڻ ـ مالش ڪرڻ. هٿ هڻڻ.

ـ آڀَ عاڻ: ث. مهت شهت. ڇڪيءَ جي ايتي سُٻتي مالش (جيئن ڇڪي ٻنهنجي جاءِ وڃي). مالش.

ـ آڀَ سُوْڙَ: ٿ. مهت ويايل زال جي مهت سهت يا مالش (ترن جي رڳن ۽ پيٽ وغيره جي).

ـ آڀَ سُوْڙَ ڪرڻ: ويايل زال کي مالش ڪرڻ. مهت شهت ڪرڻ – هٿ هڻڻ.

ـ آڀَ هڪ: ث. آڀَ ۽ تيل مکڻ جي حالت – چيڪ. مهت شهت.

ـ آڀَ هڪ ڪرڻ: بدن کي آڀَ ۽ تيل مکڻ.

• آڀَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• آڀَارَ: مصدر. [سن.آ + رُدْ ڪُشْ = ڪهرو ڪرڻ] جنڊ کي ڪهرو ڪرڻ – آهوڙڻ. هيٺ لاهڻ – ڀاري وجهڻ. جنڊ جي ماڻ مان پيندل اتو سنياڻي ڪٽي ٻئي ٽانوَ ۾ وجهڻ. (آڀَارِيو – آڀَارِيندو – آڀارِيل).

• آڀَ انگو ج آڀَانگا: ذ. [سن.اَڪْرَ + اندو. آڪانيو جي تقليبي صورت] ڏکيءَ منهل جو آسرو. پروسو – پرجهلو. آسانيو – آسانگو – آڪاندو.

• آڀَائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• آڀَائڻ: آڀَڻ مصدر مان متعدي بالواسطه [سن. آ – مُرْدْ = مهڻ] تري ڏيارڻ – هٿ هڻائڻ. مالش ڪرائڻ. ويڙ جي آڀَ سُوڙ ڪرائڻ. پيٽ سُور کان تيل جي تري هڻائڻ. (آڀَائيو – آڀَائيندو – آڀَائيل).

• آڀَائيُ ج آڀَائيُونْ: ث. آڀَائڻ يا آڀَڻ جي مزدوري.

• آڀَڻ: مصدر. [سن.آڀَارَ] آڀَر ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ (ٻُڌي ٽي). بيمار جو ويڙهيل هنڌ ياوهاڻي کي ٽيڪ ڏيڻ. ٿاڀو ڪائي ڪرڻ (ننڊ ۾ وهت تان. يا ٽڪوَر هلڻ سبب) – آٽرڻ. (آڀريو – آڀرندو – آڀريل).

ـ آڀَرَ ج آڀَرُوْنْ: ٿ. آڀَر – ٽيڪ – اِرڪَ.

ـ آڀرو ج آڀرَا: ذ. ٽيڪ ڏيڻ جو وڏو وهاڻو.

• آڀَڻ، آڀِڻ: مصدر. [سن. ١. آمْرْدْ = مَهْنَنْ؛ ٢. آدَيَ = مالش ڪرڻ. تيل سان بدن کي مهت ڏيڻ ـ مالش ڪرڻ. مهت سهت ڪرڻ. هٿ هڻڻ (ويڙ واري زال کي) مالش ڪرڻ. (ڏ ڇڪيءَ پوريُ جاءِ تي اچي). ڳچيءَ يا ڇڪيءَ کي وڃڻ. آڏي بدن جو سُور ڪڍڻ – لڳ ڪڍڻ. (آڀيو – آڀيندو – آڀيل).

• آڀو: صفت. [سن. ١.آوْرڈْ = مٽي رکيل يا ڪُنيل. ٢. اَوْ ڏَوَ = وهي جڙهيل. عُمر ڪاڏل. ٣. اَرْدَوَ = (اَرْدَ = اڌ +وَي = وَهي. عمر) اڌروٽ [عُمر ڪاڏل (يعني سٺ ستر سالن کان مٽي جڙهيل) ـ وڏيءَ عُمر وارو – پوڙهو – پيرمرد.

ـ آڀو ٻُڍي آڀَڙو ٻُڍاڙو: ذ. صفت. تمام پيرسن – نهايت ڪراڙو.

• آڀو ٻُڍي آڀَڙو ٻُڍاڙو ٽيڻ: (دعا جو اصطلاح) وڏيءَ عمر وارو ٽيڻ – ٻُڌن پوٽن وارو ٽيڻ.

• آڀُوڪو ج آڀوڪا: ذ. صت.آڀُوڪو (ث) آڀُوڪي ج آڀوڪيُونْ.

• آڀيجا: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• آڏرَ: ذ. [ف. آڏَر <آذ: عبراني. آزر. آذَر] خوشبودار گاهه جو هڪ قسم (جو ٻارڻ سان خوشبو ڏئي). ڪستوريُ – آڏَر. اگريتي (جا اُٺڪدي ۾ رکي وڃي). ٻاهه – آڳ. شمسي سال جو نائون مهينو (جو ميوات پچڻ، خصوصاً انگورن ۽ نارنگين جو مهينو آهي).

ـ آڏرَ آباڏ: ذ. لهارن جو شهر (جتي ٻاهه جو ڪم ٿئي ۽ ڪهاڙيون، هٿيار وغيره ٺهن). (اسم خاص) ايران جي اولهه واري پرڳڻي ۽ هڪ مشهور قديم شهر جو نالو – تبريز.

ـ آڏرَبائيجان: ذ. ايران جي اُترندي واري پرڳڻي جو نالو.

ـ آڏرَپرَسْتَ: ذ. صفت. آتش پرست. بُت پوڄيندڙ.

ـ آڏرَڪدَ: ذ. ٻاهه جو گهر – آتش ڪدو. اهو مندر جتي ٻاهه جي پوڄا ڪئي وڃي.

ـ آڏرَ گُوْن: ذ. ٻاهه جي رنگ جهڙو. چمڪندڙ.

ـ آڏرماهَ: ذ. فصل پچڻ جو مهينو (ايران ۾ سيپٽمبر جو مهينو).

ـ آڏريُ: ذ. صفت. آذر بائيجان جو رهاڪو (اسم خاص) محمود بادشاه جي دربار جو هڪ شاعر. ڪتاب جواهرالاسرار جو مصنف شيخ جلال الدين حمزه ايراني شاعر.

ـ آذري بُرج: ذ. آتشي بُرج.

• آذوقو ج آذوقا: ذ. [فـ. آذوقه < آذوگه: سن. آجيوكا] آجكو – تمر – ڦوٽ – گذران. توشو. گهرو سامان. چوڳر – ڇوٽو. وڏي پڪيءَ جو ڀچن جي وات ۾ ڏنل داڻو. بناد ڏڪ – پردو. آسرو – پروسو.

• آڙ ج آڙوڻ: ٿ. [سن. ١. آڙا (آ =تائين + ڙ =وڃڻ)؛ ٢. اڙ = اڇلڻ يا آريارلنگهي وڃڻ. ف. آڙ] اُها شيءِ جا (ٽنگ ڪري) اندر لنگهي وڃي. لوهَ جو نوڪدار اوزار. سُئيءِ جهڙي قسم. موچيءِ جي ڪم جو هڪ اوزار – ڪاٺ جي مُڇيي ۾ لڳل ٽلهي سُئي (جنهن سان چمڙي ۾ سوراخ ڪيڄي). ڪُنديءِ (برمَ) جي ڪم جو. گنڇي. جوراب وغيره ڦاڙڻ جو سَٽو. ڳاڏيءِ ۾ آهستي هلندڙ ڍڳي ڪي پڇ جي پاسن کان هڻڻ لاءِ نوڪدار ڪاني –ڇُرنگ – ٽنبڪي. [سن. اَرْيُ] جيت جو هڪ قسم (جو مينهن يا لڳ جي مند سنهالي دانهون ڪري. ۽ آنن لاهڻ بعد دانهون بند ڪري). تڏو – ٻڌبو – مڪڙي "آرون ابر آسري، تارا تنوارين". [سن. آيَرا =ماڪيءِ جي رس] ماڪيءِ جي ڪاڄ ڪڍ ٽيڻ جي جاءِ يا تاريُ. [سن.آريُ = اَڇلڻ] دل جو لارو. انگلُ – نازُ "مارئي، غلام شاهُ مور نہ مچيون عمر جون آروُنُ". اني ڏکر راند ۾ پنجون انگ.

ـ آرٽڻيُ: ٿ. سنهي آر سان پرت جو هڪ قسم. چولي جي ڪنار تي هنيل پرت جو وَر. ڪُنديءِ جو پرتُ – ڳانڍو.

ـ آروڏيُ: ٿ. ٽلهيءِ آر سان پرت جو هڪ قسم. جاربدار پڙتَ.

• آرُ ج آرَ: ذ. [سن. ١. اَرْ = اڇڻ وڏي جُلهه ڪرڻ؛ ٢. آرْ =لهر جي اَڇل ٻُڌل. ٣. آ +ورْتَ = ٽپيُ. ڪَن] وهڪري جي چوطرفي تيزي يا چڪ (جا سمند ۾ واءَ ۽ درياءَ ۾ اونهي ڪڏ سبب ٿئي. جنهن ڪري پاڻيءِ جو وهڪرو ڦيرو کائي هڪ جاءِ تي پيو ڦرندو آهي). درياءَ يا سمند ۾ ڪُن پيدا ڪندڙ وهڪرو. گردابَ – نڪوڻ – غرقاب –آجهور "ڏيئي توڪل تڪيو، آرَ لنگهيا آسان" (شاهَ). پاڻيءِ جي تيز وهڪري جو گهمرو. درياه جو ڪُن. "ويرَ ۽ لاٽي ويهه، مٿي آر اوڙاه جي" (شاهَ). درياه جو لاڙو يا وهڪرو. درياه جي تڪ – تيزي – وهڪ.پاڻيءِ جو مارو. لسيُر. دل جو لاڙو يا ميلان "جيڏانهن چٽ چاهُ گهٽو، آرَ به اوڏانهين" (شاهَ). چڪ – ڪشش. اُڪنڊ – اُڪير – سڪ. حُبّ – ڦرب – پيار "پسٽشان پري ٿيا، اُوري آرَ سندون" (شاهَ). مالَ جو ڦَر تي آرو. پالوٽ. اَٽلَ – ليٽ. انگل – نازَ. نخرو – لاڙ – هيڃ – چاڱ. [سن. آيَرا] ماڪيءِ جي ماناري واريُ ڪاڻيُ. آلي ڪائيءِ جولڪڻ (ڪ) – ٽلهوُ. آرو – خانو – ڪَپ – ڏُنڊو.

ـ آرَ ٻڌڻ: حملو ڪرڻ – ڪاهه ڪرڻ – جنگ ۾ يڪمشت حملو ڪرڻ (درياءَ جي پاڻيءِ وانگر). تراريون وهائڻ – آرَ ٻڌڻ.

ـ آرَ رکڻ: پيار ڪرڻ (جوپائي جو). انگل ڪرڻ.

ـ آرَ ڪرڻ: انگل ڪرڻ. لاڙو ڪرڻ. پيار ڏيکارڻ.

ـ آرَ لڳڻ: لنر لڳڻ ـ آرو لڳو.

ـ آرِيُ ج آريُ: ذ. صفت. آرَ ڪندڙ – انگلي.

• آرَا: صفت [فـ. آرَاسْتَنْ= سينگارڻ] سينگارينڊڙ. مرڪبات ۾ اسر جي بنيان اچي فاعل جي معنيُ ڏيڪارينڊڙ "جهان آرا، دل آرا، وغيره".

• آراءَ: ٿ. [ع. ’راءٌ جو جمع] رايا – مشورا – تجويزون.

• آرَاتو ج آرَاتا: ذ. [سن. رُوْ -روٽڻ > آرَاوَ = رڙ. واڪو. آواز] روڄ ـ راڙو – روڏَنَ اوراتو – اوراٽو.

• آرَاتِي ج آرَاتِيُوْنُ: ٿ. [سن. وارَه = وارو] واري واري – واريتي. واريتي ڪير ڏينڊڙ يا مزندڙ چوپائي. (صفت) هڪ مهل تي نہ ڏُڌَل – سَڌروڻل (ل).

• آرَاڌَ: ٿ. [سن. آراڌَنْ > آرَاڌَ = جوڳ پڄائڻ] آراڌ –آراڌنا. پوڄا – زهد.

ـ آرَاڌَڪُ: ذ.صفت. آراڌَڪُ – پوجاري. يوگي.

• آرَادَائِي ج آرَادَائِيُوْنُ: ٿ. علحدگي – وڇوڙو – جدائي – ڦوڙائو – فراق – آراڌائي.

• آرادو ج آرَادَا: ذ. صفت. [سن. آرَاڌَه = اڪيلائيءِ ۾ وهندڙ ع. علاحده = الڳ] اڪيلو علحده ـ جدا – ڌار – الڳ – آراڌو.

• آرَاڌِين: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر) نواب شاهَ ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• آرَاڌَنَ: مصدر. [سن. آ+ رَاڌَنْ =جوڳ پڄائڻ. ڪشت ڪيڻ] عبادت ڪرڻ – پوجا ڪرڻ – پوڄڻ – پرستش ڪرڻ. جوڳ پڄائڻ. رُهدڪرڻ. ڪٿيءِ کي ياد ڪرڻ ۽ اوڙڻ. ريجهائڻ – راضي ڪرڻ. مهرباني ڳهرڻ. عزت ڪرڻ. لائق ٿيڻ.

ـ آرَاڌَ: ٿ. جوڳ جو پاٽ – پوجا – بندگي "ات ئي پهر اندر ۾ الڳ جي آراڌَ" (دليت). خدمت – احترام.

ـ آرَاڌُ: ذ. جوڳ. اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ جي حالت. خلوت – ايڪانت. فراقَ – علحدگي.

ـ آرَاڌَڪ: ذ. پوجاري.يوگيُ زاهد.

ـ آرَاڌْنَا ج آرَاڌْنَائُوْنُ: ٿ. آرَاڌَ.

ـ آرَاڌِ نَائُوْنُ ڪَرڻُ: اندر ۾ عاجزي ڪرڻ – باڌائڻ. پوجا ڪرڻ. عرض ڪرڻ – منٿون ڪرڻ. سُوال ڪرڻ.

• آرَادو ج آرَادَا: ذ. صفت. [ع. علحده' سن. آرَاڌَه = اڪيلائيءِ ۾ وهندڙ] الڳ – جدا – علحدو – آرادو. عجيب – انوکو. جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جو حصو نہ هجي. اڪيلو – نويڪلو – خلاصو. نرالو.

ازغيبي. الک. محويت وارو – مستغرق. (ث)آرَاڌي ج آرَاڌيون "آرادي آتي،ٿي. تي آيو ٽکرائي ٽل".

• آرائڻ آرائيون: ٿ [سن. آرَڻَه، اَرَڻيَهْ =اڻ پوکيل، اڻ جريل زمين] بريت ـ بيابان. ٻيلو – جهنگل. بَڻ. ٻوڙ جو جهنگ. هُڙي ويڑهه. وٿراهه. سائو ميدان. چراگاهه جو ميدان برساتي پوک ۽ ساون گاهن وارو ميدان "جي اکنديون آرائڻ. لوهه تنين کي لاٽيينْ" (شاهه). [سن. آرانڪي] جهنگلي گاهه جو هڪ قسم (جنهن جي پاڙ ۾ چٽن جيڏا داڻا ٿيندا آهن. جي مارو ماٺهو رڌي کائيندا آهن) – آرائي. ٻوٽي جو هڪ قسم (جو بنا ٻج چٽڻ جي اُپرندو آهي). ٻوڙ کانپو. سارين جي پوک لاءِ زمين جي کيڙ.

• آرائڻ آرائڙ: ذ. [سن. آرَڻيه] بريت. جهنگل. وٿراهه. آرائڻ. گاهه جو هڪ قسم. جنگ – ويڑهه – لڙائي – يُدّ – آرڙ. آرڙُه – اونهارو.

• آرائو: اسر خاص. جوهي ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• آرائو ج آرائڙا: ذ. [سن. اَرانڪي] آرڙي پوک جو گاهُ. ڪجو ڏُٽ (ڏونرا وغيره). [سن.آلوڏَن = اکيڙڻ. ملائڻ] ساريال زمين ۾ آلي مٽيءِ جو هَر "جويان جند نہ وسري. ڏانڊان آرائو". پوک جو اڻ پڪلُ اَنّ. اڌ رڌن يا اڌ پڪو ميوو. کاڌو وغيره. ڏُٽ جو هڪ قسم. ڏونرن جي ٻج جو ٻَٽ. (ڪجين گارين سان) ويڑهه. قلو. جهيڑو. لڙائي – جنگ. ٻوڙ سبب ٽيل گاهه يا جهنگ. هُڙي. زمين جو پلو ٽکر (جنهن ۾ دوباري يا آرڙي پوک ٿئي). ٻٽي ٻج جو قَرُ – گارطور ڪم ايندڙ لفظ (صفت) حرامزادو. (ذ) ڪير ڏاڙهه کان مٽي (عمر) جڙهيل ٻَڪرُ (ڪ).

• آرائڙه: ذ. پاڻيءِ جي جاڙهه واري موسم – آٻ ڪلاڻي. اونهارو – آرڙهه.

ـ آرائڙهي: ٿ. آرڙهه جو فَصل – آرائڙي.

• آرائڙي: ذ. صفت.[سن. آرَڻيَڪ] جهنگ جو رَهاڪو. ٻيلي ۾رهندڙ – ٻيلائي.

• آرائڙي ج آرائڙيون: ٿ. [سن. آرانڪي=اَ + رَانَڪ) بنا مند واري پوک]اڻ مندائتي. بي اکيٽ جوُٽر (جا صرف گاهه طور ڪم اچي). آرڙهه جو فَصل. ڏُٽ جو هڪ قسم – آرهاڙي. ميهَن. چيڙن جي ڪجرين جي ڪڙهي "ٻلاه نہ پاڙين، عُمرا آرائڙي سينْ" (شاهه). برسات جي موسم ۾ اُپرندڙ گاهه جو هڪ قسم (پن سنهڙا. اڇا گُنل. ڏاڙ ۾ روجهي رڌجي). قوگيسي. ڏُٽ جو ريڙو ٻَٽ (ث). پڪن جي ٻج جو ٻَٽ.

• آراسو: ظرف [ف. آهسته] آهستي – هوريان – ڌِيري –ڌِيمي. بنا آواز.

ـ آراسُتگي: ٿ. آهستگي.

ـ آراسْتَه: صفت. [ف. آراسْتَنْ= سينگارڻ، چانگڻ] سينگاريل. چانگيل. بنايل – ٺاهيل. درست – برابر.

ـ آراسْتگيْ: ٿ. ڪنهي ڪِيءِ واري حالت سينگار جي جوڙجَڪ واري حالت. سينگار. ٺاهه ٺوهه – سجاوٽ.

ـ آراسْته پيراسْته: صفت. سينگاريل. ٺاهيل بنايل. ٺهيل ٺڪيل.

ـ آراسْتَه ڪَرڻ: سينگارڻ – سجائڻ. ترتيب ڏيڻ. درست ڪرڻ. گڏ ڪرڻ.

• آراسيوَ(لس): مصدر. خلاصو ٿيڻ – ڪٽڻ "پاڻي پورائيءَ جو هاڻي آراسيو آهي" (نم). (آراسيو – آراسيندو – آراسيل).

• آراضيْ: اسر خاص. سيوهڙ پرسان هڪ شهر جو نالو.

• آراڪو ج آراڪا: ذ. [سن. آرَا + ڪاه < ڪاوَش = ڪاوڙ جو حملو. ڪاه] سيلاب جو حملو. سيلابي وهڪرو – ٻوڏ. پاڻيندڙ درياهُ "سُهڻيءِ کي ڪوسَڌ. آراڪي ازلا ڪيو".

• آراڪُهَ: ٿ. [سن.آرا + ڪاوَش = ڪاوڙ مان ڪاه يا حملو] ڪاه. ٻوڏ جي پاڻيءِ جي اٽل. پاڻيءِ جو جاڙهه سيلاب جو وهڪرو. اکين جي ڳوڙهن جي آوَتَ "هڪ آراڪُهَ اکين جي. جو ٻنڌ نہ ڏسان ٻيرُ". درياءَ جو چڏيل ٻيٽ.

• آرامُ ج آرامَ: ذ.[ف. سن. آرام] بدن جي آسايش واري حالت. فرحت. سُک – آنند – راحت – آسايش. مرض ۾ افاقو. درد ۽ سور لهڻ بعد قرار. اطمينان – چين – نند. تندرستي – صحت. خوشي. فراغت فرصت – واندڪائي.

ـ آرامُ اَچڻ: سُک اچڻ. فرحت ٿيڻ. تسڪين ٿيڻ. مرض جو ڪي قدر دور ٿيڻ.

ـ آرامُ پائڻ: سُکيائڻ – آنند حاصل ڪرڻ.

ـ آرامُ پذيرْ: ذ.صفت. (ف. آرام + پذير< پذيرفتن) آرام ۾ ـ آرامي – فرحتي.

ـ آرامُ پسَنْدُ: ذ.صفت.آرام چاهيندڙ. سُست.

ـ آرامِ جَانْ:ذ.دلجو آرام.(صفت) آرام ڏيندڙ. محبوب – معشوق.

ـ آرامِ حَرامُ ڪَرڻ: سُک قٽائڻ. نند حرام ڪرڻ.

ـ آرامُ سَانْ سُمهڻ: سُک سان سمهڻ. بنا ڪنهن تڪليف جي نند ڪرڻ. بي فڪر ٿي سمهڻ.

ـ آرامُ طَلَب: صفت. آرام چاهيندڙ. سست – ڪاهل.

ـ آرامُ قٽائڻ: نند قٽائڻ. سُک قٽائڻ.

ـ آرامُ ڦَٽڻ: بي آرامي ٿيڻ. (ڪنهن پريشانيءِ سبب) نند نہ اچڻ. هڪ هنڌ سُک نہ اچڻ.

ـ آرامُ ڪُرسيْ ج آرامُ ڪُرسيوُنْ: ٿ. [انگ. Arm Chair] بانهن واري وڏي ڪرسي (جنهن تي اڌو ڪابرو ليٽي يا آرام سان ويهي سگهجي).

ـ آرامُ ڪرڻُ: ننڊ ڪرڻ. راحت وٺڻ. سُک ٿي سمهڻ "تماشقن آرام. ڪڏهن تان ڪرن ڪيو" (شاه). سمهڻ. مات ڪرڻ ـ صبر ڪرڻ.

ـ آرامُ گاهُ ج آرامُ گاهَ: ذ. آرام جي جاءِ. فرحت ڪرڻ جو هنڌ. سُمهڻ جي جاءِ. ننڊ جو ڪمرو.

ـ آرامَ مُلڻُ: ٿ. صفت. آرام يا عيش جي ماريل. غفلت يا سُستيءَ ۾ مُنل.

ـ آرامَ ۾ رَکنو وجهڻُ: آرام ڏيارڻ.

ـ آرامُ وٺڻُ: فرحت وٺڻ ـ سُک وٺڻ. وسرام ڪرڻ.

ـ آرامِي ج آرامِيَ: ذ. صفت. آرام ۾ پيل ـ سُتل. بي فڪر. خوش.

ـ آرامِيَ ٿيڻُ: آرام ڪرڻ. ننڊ ڪرڻ. سمهڻ. واندو ٿيڻ. مطمئن ٿيڻ. سڪيو ٿيڻ. (اصطلاحاً) وفات بعد قبر ۾ سمهڻ.

• آرانبِي. آرانبِيُ: ٿ. [سن. ١. أَلاَتَ. ٢. أَلْمَکَ =اَماڙي] برندڙ ڪائي ـ اَماڙي. اَهاڪاڻي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ اڳڙين جو مڇو ٻڌي گاسليٽ يا ٻئي ڪنهن تيل ۾ ٻوڙي ٻارجي. [سن. أ + لَنْبا < لَنْبَ =ڏگهي لڏندڙ شي] جهنڊي جي ٻيرق جا ڦڙڪا ڪري. باهه جو اَلو. لاتَ ـ شعلو =جيپ. پيڙ ـ پنيٽ. اولانبي. هوائي(آتشبازيءَ جي). برندڙ سنهي ڪائي (جاکتي اونده مان ڪا شيءِ ڳولجي). شهداگر ـ ڏسٽي اگر.

• آرانبِيَ ڪرڻُ: ٻ چار سنهيون ڪائيون ڳڏي مڇو ناهي باهه ٻارڻ.

• آرانُهو ج آرانهاُ: ذ. [سن. ١.اِپالَنْبَ: ٢. لاَنْبَ +پَ < پا= جهجهي روشنائي. ٣. أَلْمَکَ = اَماڙي] باهه جو پنيٽ يا پيڙ. مشعل. ڏياتي. برٻل مُتو. اَماڙي. گولين جو وسڪارو يا ڏَسَ. بدوقن يا تيرن جووسڪارو. ڏوراپو ـ اوپالو ـ اولانبو.

• آرانُشون: ذ. گدرن. چانهين وغيره جي ولين جي پوک.

• آرانُ: ٿ [سن. آرَڏُ] درياءَ جي لهرين جي ليٽ پيٽ. صلح ـ سُلوڪ ـ سارُ. آر ـ لاڙو. شوق. پيار ـ قربَ ڪڻ کي لطيف چي. اڇي سان آرانَ" (شاه). [سن. آرڏ]. جهيڙو ـ جنگ. لڙائي جو گوڙشور.

• آرانُيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو ناليو(اڪثر حيدرآباد ۽ خيرپور ضلعن ۾).

• آرانُيُ: مصدر. اورانگهڻ. تانگهڻ "ايندو آرائي. اوري آروٽبار کي" (خانزئي). (آرائيبر ـ آرائيندو ـ آرايل).

• آرانِيُ ج آرانِيَ. آرائينْ: صفت. [سن. آرامڪَ = باغائي] پاڇيءَ. ڪڻ وغيره جو وڪرو ڪندڙ. گل ۽ پاڇيون پوکيندڙ. پاڇي وڪڻندڙ ـ بَڪاري ـ بڏال. باغائي ـ مالهي ـ آرائين. (اسم خاص)پنجاب جي هڪ مشهور ذات جو ناليو(جي اصل ۾ باغائي هئا).

• آرانِيُ ج آرانِيُونْ. آرائيُونْ: ٿ. گرميءَ جي موسم ۾ بدن تي نڪرندڙ سنهڙيون خارش واريون ڦڙڪيون. ٽاهُ ـ ميل ـ بٽ. ڪارائي.

• آرائينْ: ذ. آرائي ـ باغائي. (اسم خاص) هڪ ذات جو ناليو. هالا ۽ سکر تعلقن ۾ ديهن جو ناليو.

• آرايشْ ج آرايشُونْ: ٿ [ف]زيبايش ـ بناوٽ ـ سينگار ـ ڏيک ويک. ٺٽ.

ـ آرايشِ پسنڊ: ذ. صفت. سينگار جو شوقين. ڏيک ويک کي چاهيندڙ.

ـ آرايشِ محفل: صفت. محفل جو سينگار ـ ڪچهريءَ جو زيب.

• آرَپَ: ذ.[سن] شَپَ يا مبارڪ شروعات (ڪنهن مهاپرش يا بزرگ جي هٿن سان سنگ بنياد رکجڻ يا افتتاح ٿيڻ). آرَنْبَ. (مال جو قَرتي) پيار ـ آر ـ الَنبه.

ـ آرَپَ ڪرڻُ: شروعات ڪرڻ.

• آرتَ: صفت. [سن] مصيبت زده ـ دردمند ـ ڏکايل ـ هلاڪ منجهيل.(ث) هلاڪت. محتاجي (ث)

• آرتا: ث. [سن.آرَاتْرِکَ =ديوتا يا بت جي اڳيان روشني (ٽانوَ ۾ رکيل) قيرائڻ. جوت ورکا ڪرڻ] هندن ۾ پرڻيجي هڪ رسم (جڏهن گهوت پهريائين ڪنوار جي گهر ايندو آهي. تڏهن ڪنواريتا. هڪ رنگارنگي ٽالهيءَ ۾ اني مان ٽهيل ڏئي ۾ گيهه وجهي گهٽيون وَٽيُونْ ٻاري سندس مٿي جي جوڙاري قيرائيندا آهن) ـ آرتو.

• آرتا: ث. [سن. آرتَ + تا] سور ـ اهنج ـايذا(دل جو). ڏک ـ درد. محتاجي ـ بيوسي. هلاڪت.

• آرتارُ (ڪ): ذ. آرتوارُ ـ آچرُ.

• آرتو ج آرتا: ذ. صفت. آرتيو.

• آرتوارْ: ذ. [سن. آدِ تيہ =سڄ + وار = ڏينهن] سڄ وارو ڏينهن ـ Sunday هفتي جي هڪ ڏينهن جو ناليو ـ آچرُ.

ـ آرتوارَ رَکڻُ: (هندن ۾) آرتوار جو ورتَ (روزو) رکڻ.

• آرتِي ج آرتِيُونْ: ٿ [پرا. آراتِسَيہ: سن. ١. آرت: ٢. آرَاتْرِکَ: ٣.آرَڏُکْشَا = ورکا ڪرڻ] هندن جي پوجا جو هڪ نمونو (هڪ ٽالهيءَ ۾ برٻل ڏيئا ۽ ڦل قَول رکي ڪنهن ديوتا يا بُت اڳيان قيرائڻ). پوجاپاٺ جي سامان (برندڙ ڏيا. ڦل قَول. وغيره) رکيل ٽالهي.

• آرتِيوْ ج آرتيا: ذ. صفت. گماشتو ـ پلاوٽو.

• آرٽ: ذ. [انگ. Art] هُنرَ ـفَنَ ـ ڪاريگري.

• آرتُ ج آرتَ: ذ. [سن. آرتْرا] آيتُ ـ آرَتَ. نار.

• آرتِي ج آرتِيَ (ا): ذ. صفت [سن. آرتْرا] نار. هُرلي يا هر ۾ وهيل (ڍڳي). وهرُ (ڍڳو يا اُٺ).

• آرٽِيڪلْ: ٿ. [انگ. Article] لکيل مضمون ـ مقالو. قانون جو

بند – قانوني مضمون جو قلم يا فقرو. کابه کارآمد شيءِ.

• آرنو: ذ.کلر واري اُياميل نرم زمين.

• آرپار، آروپار: ظرف. [سن. آرَاپَارَ = (آوار = هيءِ پر (جبل يا درياءِ جي) + پار = پَرِينْ پر ـ هن کَپ ءِ هَن کَپ – هن پار ءِ هَن پار. هڪ پاسي کان بئي پاسي تائين. هڪ کناري کان بئي کناري تائين. اندران ئي اندران – وجان ئي وجان – منجهان –پسمنظ آمهون سامهون. سڌو – تَرِ.

ـ آرپار ڪرڻ: هڪ پاسي کان بئي پاسي تائين (ٽنگ) ڪرڻ. پسٽ باهر ڪڍڻ (سوراخ يا ٽنگ پالي وغيره سان).

• آرَپَارُ ج آرَپَارُ: ذ. [سن. آوَارَ پارَ] اورين ءِپرين حدّ. چيڙو – چيهه –انتَ "الله جي قدرت جو نکو آرَ نکو پار". وڏو سمنڊ – تهاساگر. سجو ملڪ. سَجاڻپ جا نشان – شڪل جا اهجاڻ – رَوَش. مُهانڊو –شبيهه. لَڇڻ – ارکان.

• آرَجا ج آرَجاؤنْ: ث. [سن.آيُرْدَا] هيءِ عُمر – هتي (هن دنيا) جي حياتي. عُمر – جمار – آوُرجا. وهِي.

• آرَجُوڙ: ث. لاچار يا بي وس حياتي. لاچاري حالت. لاچاري جيئڻ جي حالت "آرجُوڙ آياس. ن. ڏ ڪرتينْ اچن نہ ڪُنواريون".

• آرڌَا: ث. [سن.آر = اورين پر + دَار = لاهُ] پٽ يا جبل جو لاهه. (کاڻيءِ جي) سلامي. عمق جولاهه. (کاڻيءِ ۾). پاس تراشڻ. (ظرف) اورينْ پر ـ اورار.

ـ آرڌار وَڻڻ: سلامي وڻڻ (ڪنهن ٻَڌَ وغيره جي). کاڻيءِ وقت کوڙڻ سان ڪڙي، ڪسيءِ، اڏ وغيره جا پاسا گهڙي سڌا ڪرڻ – ڪپر سنوان ڪرڻ.

• آرَڊَر ج آرَڊَرُ: ذ. [انگ Order] حڪم – فرمان.

• آرڻ: [سن. آرَنَ] لڙائي ـ جنگ "آرڻ ۾ احسان ڇڻي، سويا ٽيا سردار" (احسان). [سن. آنَادِ] آرهُ. آکاڙ.

• آرڻ ج آرڙ: ذ.صفت [سن.آرالَ] ڏکيو – اَرڏو – ڏنگو. منجهيل (سَت). ڏکيو (مسئلو). قَڏو – ارڙو.

• آرڻ ج آرڻ: ذ. گدرن، هنڌاڻن وغيره جي واڙي – آرڻ.

• آرڻو ج آرڙا: ذ. پاڻيءِ يا گپ ۾ زمين جي کيڙ. (گهر کي) راڳو – ليپو. مُشڪلات – اهنجائي – ڏکيائي. ارڏائي – ڏنگائي. ڏاڍائي – زبردستي – ارڙو. ڪارائي – آريُ.

• آرَڏُ: ث. [ف] آس – اميد – تمنّا. مَدّ – خواهش. مرضي. دلي مراد. شوق.

ـ آرَڏُ پُوريُ ٿيڻ: خواهش پوري ٿيڻ اميد پوري ٿيڻ. دل جي مرادپوري ٿيڻ.

ـ آرَڏُ پُوريُ ڪرڻ: اميد پوري ڪرڻ. دل جي مراد پوري ڪرڻ.

ـ آرَڏُ خاڪ ۾ ملائڻ: نا اميد ڪرڻ ـ نراس ڪرڻ.

• آرَڏُمَنْدُ ج آرَڏُمَنْدَ: ذ. صفت اميدوارو – اميدوار. خواهشمند. چاهيندڙ.

• آرَڏَنْ: صفت. بي وس – لاچار.

• آرَسْ ج آرَسْ: ذ. [سن. آلَس < اَلْسِيَ (آ = نہ + لَس = ڪر ڪرڻ) = ڪر نہ ڪرڻ] بدن جي سستيءِ واري حالت. بت جي پيڙا. سستي – کاهلي. ڪَڙ – لگ. آلَس. غفلت – ڍرائي. موڪائي. ٽڪاوٽ. برسات جي ڳڙ ٽيل ڪني پاڻيءِ ۾ هلڻ ڪري ٽيل ڦرڙيُون (ٽ).

ـ آرَسائو ج آرَسائَا (ٽ): ذ. سُستي – کاهلي.

ـ آرَسْ پَجَڻ: ڪَڙ موڙڻ – لگ پجڻ.

ـ آرَسْ ٽيڻ: سستي ٽيڻ. ٽَڪاوٽ ٽيڻ.

ـ آرَسْ هارڻ (ڪ): سُستي ڪڍڻ. لگ موڙڻ – ڪَڙ پجڻ.

ـ آرَسِيْ: ج آرسي ذ. صفت. سُست – کاهل. ڪم جو ٽوٽي (ماڻهو).

• آرَسائڻ: مصدر. [سن.آلَس] آرس ڪرڻ. سُستي ڪرڻ. کاهل ٽيڻ. نٽائڻ. تانمائڻ. ڍرو ٽيڻ. خيال لاهي ڇڏڻ (ٽ). (آرسائيو – آرسائيندو – آرسائيل).

• آرَسائُو ج آرَسائَا: ذ. صفت آرسي – ٽوٽي – کاهل سست ڪم چور.

• آرَسْجَڻ: آرسڻ' مصدرمان فعل مجهول سُست ٽيڻ.

• آرَسڻ: مصدر. [س. ۱. آسْرَ = اُپاميندڙ جانورن مٿان لڳي. ۲.آرسا = وارن. ٿُڏن يا ٻين اهڙين شين جي آراستگي] ٽيلءِ پيجي ملائي تاجيءِ جي تندن کي سونهاري سان سنوارڻ – آرکڻ. تاجيءِ کي ٽيل پيڻ ڏيڻ. تاجيءِ کي کلف هڻڻ. پيڻ ۾ پَسايل تاجيءِ کي سَڪائي لسو ڪرڻ. ڦٽيءِ وٽ ڇڇي پيل تند کي ڳنڍڻ. ٽيل ڦليل ڪرڻ. هار سينگار ڪرڻ. (آرسيو – آرسيندو – آرسيل).

• آرَسَڻ ج آرَسَڻ: ذ. [سن. آسْرَ = اُپاميندڙ جانورن مٿان لڳي] کورين جي اصطلاح ۾ سونهارو يا ٽنيڻ (جنهن سان آڏن تي پترين. پيڻ ۾ پَسايل تاجيءِ کي سنواري سڪائين). کلف – پيڻ – پيجي –آهَر.

ـ آرَسڻُ ڪَڍڻ: آڏن تي جڙهيل تاجيءِ کي پيڻ ڏيڻ. چنل تند کي ڳنڍڻ. ٽيل سَرمي ۾ وقت وڃائڻ. دير مدار ڪرڻ. ڍرَ يا سستي ڪرڻ.

• آرَسِيُ ج آرَسِيُونْ: ث. [پرا. آرَسو. سن. آدَرْش (آ = چٽي طرفن کان + دَرْش = ڏسڻ) = ڏسڻ جو شيشو] آرسيْ –آئينو – اِري – آهينو – درسني – ٽڪ.

ـ آرَسِيُ ٽيڻ: نمونو ٽيڻ. مثال بنجڻ.

ـ آرَسِيُ ڏَسَڻ: پنهنجي ڪرتوٽن کي پاڻ ڏسڻ.

• آرَشْ ج آرَشْ: ذ. [سن. رَشْ = سمجهائڻ. رَجَڻ] تمثيلي فعل يا عمل. رشين کان ورتل شاديءِ يا وهاڻءِ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪنوار پيءِ کي گهوت وٺان هڪ ٻه جوڙا ڳٽون ملن).

• آرَڪ،آرِڪ (ڪ): ذ. [سن. آرِبْ < رَبْ =متيءِ جو قولجڻ. اُپامڻ] ڪَڪَر يا ڪلراڻي متيءِ جي اڇي اُپامڻ. ڪلراڻي متيْ. ڪَڪَر جو لوڻ. ڪلر

جي ڪار. ڪار ۽ صابڻ جو (ڪڙهيل يا رڌل) پاڻي – اُرڳوُ (ل). ڪَلَرجو آئريل پاڻي (جوڪَلَر رڇڻ بعد آئر جي بهي). ڪتي ۽ جو ڪُنڊ.

• **آرڪائيڪ ج آرڪائيڪ:** ذ.صفت.آرڪات شهر جو ويڙل (جتي جا ناڪا شايد ماهر ٿين). ٻيڙي هلائيندڙ – ناڪو – ڪشتيبان – ملاح. سُڪائي – (دنگي ۽ جو) ٻُيرن. (اسر خاص) ٻيربحرن جي هڪ ذات جو ڪالو.

• **آرڪار(ت):** ظرف [فـ.آخرڪار < آرڪار] آخرڪار – نيٺ ڏڻان.

• **آرَڪَرُ ج آرَڪَرَ:** ذ. [سن.آرا+ ڪَر = آر جو ڪر] خسيس يا بي فائدو ڪر. (صفت) خفيف – هلڪو – واهيات – تڇ – ادنيٰ. نڪمو.

– **آرَڪَرُ ڪرڻُ:** خسيس يا بي فائدو ڪر ڪرڻ. ناز نخرا ڪرڻ. آناڪاني ڪرڻ. دير وجهڻ.

• **آرڪميڊيز:** اسر خاص. [يوناني] علم ڪيميا جي هڪ يوناني عالم جو نالو – ارشميدس.

• **آرَڪُ ج آرَڪ:** ذ. صفت.[سن.آرڪش] لڇڪڻو. نازڪ.ترڪ تاليو. بي وفا.

• **آرَڪڻُ:** مصدر. آرَڪُ (آرڪيو – آرڪيندو – آرڪيل).

• **آرَڪوُ ج آرَڪوُ:** ذ. [سن. اَلَڪْشَنْ. ع. اَرْڪان = لڇڻ] نشست برخاست ۽ هلت چلت جو نمونو – اخلاق – لڇڻ – ارڪان. طبعي رجحان. عادت – روش. سَياڻ مُهانڊو – چهرو (جو اطوارن مان معلوم ٿئي) "هٿين، پيرين. آرڪٽين. مَنهن نہ مهاڻي" (شاه). آريڪوُ.

• **آرَڪٽي ج آرَڪٽيوُن:** ٿ. اسر آرسي – آٽيئو – آهري.

• **آرگو ج آرگا (ت):** ذ. [سن. آرگ (= ٽاڪوڙو) < اَرڪ (= پاڻي ۽ ر) اڇتي وڏڻ] ٻيڙي ۽ جو ڳڻ – ڇپو – ويڙهو. وڏو ڇمڇو (ٻوڙ وغيره جو).

• **آرگوز:** اسر خاص. تعلقي ڏهڙي ۽ ر هڪ ديهه جو نالو.

• **آرگون:** ذ. [انگ. Argon] گيس جو هڪ قسم.

• **آرلو ج آرلا (ت):** ذ. [سن.اَرْل = پاڻ يا دونهين جي لات] ڏڻي جو جارو (پٽ ۽ نديو ۽ ٽڪنڊو خال).

• **آرلي ج آرليوُن:** ٿ. [سن. اَرَل = لٽڪندڙ ڪاڻي < اَرْ = آڏ ٽيڻ] جوپائي مال جي واڙ ٽاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڏڪهو ڇڇر (جو بن ننڍين ٽوٽين تي رکيل هوندو آهي). ازهو – لڙهو.

• **آرمر:** ذ. [فـ.اَرْمَڪ] اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **آرمار،آرمال،آرماڙ:** ذ. [هسپاني. لاٽن آرميتا (Armata) يا آرميٽس. انگ. آرميدا (Armada) = هٿيارن پنهوارن سان جهنجهيل. مُسلح] بحري جنگي جهازن جو ميڙ (جو اڃ جيت هجي. خصوصاً اهو جنگي ٻيڙو جو سپين جي بادشاه فلپ ثاني 1588ع ۾ انگلنڊ خلاف موڪليو). ساموندي فوج جو ٻيڙو – بحري ٻيڙو.

• **آرمي:** ٿ. [انگ. Army = فوج] خشڪيءَ جي فوج – لشڪر.

• **آرميٽيا:** اسر خاص. اناطوليا جي هڪ صوبي جو نالو.

• **آرَنْبَه:** ذ. [پرا. آرَنْب: سن. ۱. آرنْب: (آ = گهٽو + رَبْ = شروع ڪرڻ): ۲. آرَمْب] شروعات – آغاز – ابتدا. مُهاڳ – ديباچو – مُنڊ. (برسات کان اڳ)کاڙهو يا گهُٽ. [سن. آلَمْب = ٽيڪ ڏيڻ. ليٽي پوڻ]آسرو – پروسو – ٽيڪ – آڌر.

– **آرَنْبَ ڪرڻُ:** شروع –هٽ ڪَنڊيڻ – آغاز ڪرڻ.

• **آرَنبَڻُ:** مصدر. [پرا. آرَنْبَ: سن. ۱. آرَنْب: ۲. آرَمْب] شروع ڪرڻ. آغاز ڪرڻ. ڪم ۽ هٽ وجهڻ.

• **آرَنْگَ ج آرَنْگَ (ت):** ذ. [سن] جهڙ برسات جو سعير. آرَنْگ.

• **آرَنْگو ج آرَنْگا:** ذ. رسي جو ٽڪر يا تورڙهو (جو پاڃاري ۽ جي پاسي ۾ ٻڌبو آهي).

• **آرَنْگهو ج آرَنْگها:** ذ. [فـ. آوَنْد = ٽاڻ: سن. آرَنَ + گايَ = سٽيوتاڻ] گيهه يا تيل وجهي رکڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٽاڻ (جو تامي يا ڪنڊ وغيره جو هجي).

• **آرَنْهَنْ (ت):** ٿ. [سن. ۱. آ + رَنْ= خوشي. مزو: ۲. اَلَمْب >آرَنْب > آرَنْهَنْ] موج – مزو – خوشي. سڪ. ورُونْهن. دوستي – الفت.

– **آرَنْهَنْ ڪرڻُ:** مزو وٺڻ. وَرُونْهه ڪرڻ.

• **آرَنِي،آرَٽِي(ٽ):** ذ. [سن. آرَٽِيبه] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جي ڪاٺين گهڙڻ سان باهه پيدا ٿئي).

• **آرَڙُ ج آرَڙ (ل):** ذ. [سن. آرَٽِيبَهَ] ٻيلو ٻوڙ جو جهنگ. چراگاهه. گدرن ۽ هندائن جي پوک. پاڇين جو باغ. آرارُ – آرَرُ. آڏائوُن فصل. [سن. آرَڙ] جنگ –لڙائي. [سن. آرڙ + گاي = جاءِ] آديسي فقيرن جي بيٺڪ.

– **آرَڙِ آرَڙُ ٻَڌَڻُ:** جنگ جوٽڻ – لڙائي ڪرڻ "آرَڙِ ٻَڌي آيڙي. ڪِئي رڌ ۾ رَڪرئي" (شاه).

– **آرَڙِي ج آرَڙِي:** صفت. جهنگ جو – جهنگ ۾ رهندڙ.

• **آرَوَ ج آرَا (ل):** ذ. [سن. ۱. اَرَ" ۲. آرا] اَر – پيار – قربُ حُب – سڪ. دل جو لاڙو. خواهش. لاڏ – پار جو انگل "ڪڻين آرو، مونهان پڇي نہ ڪئو" (شاه). مرضي. [سن. آرڙ]درياءَ جي پاوڪ. درياءَ جي پاڻيءَ جي اُتَرَ. پاڻيءَ جو وهڪرو. سير – نڪ (پاڻيءَ جي). [فـ. آرَهَ] ڪارائي – ڪرتَ – آرڙو (ت). چوپائي مال جي وقت تي نہ مڙڻ واري حالت (ل) ڪُڪڙ(يا ٻُٽي پکيءَ) جي آنڊ تي وهڪ.

– **آرو ناڪارو:** ذ. [فـ آري > آرو + هائو + ناڪار< ناڪارو] انڪار اقرار. ها ۽ نہ. ناز نخرو. بهاني بازي.

– **آرو پچائڻ:** ڪُڪڙ(يا ٻُٽي پکيءَ) جو آنڊ تي وهڪ ڪرڻ. جهوڪ ٻڌي وهڻ. وهڪ ڪرڻ. ويهي رهڻ (اندر گهر ۾ گهڻو وقت). هڪ هنڌ

ڪي وهڻ. عشق ڪرڻ – پيار ڪرڻ. سخت تڪليف جو ڪم ڪرڻ.

- **آروڙاڻ (ا)**: جويائي، ڪي وقت تي نہ ڏيڻ سبب وارو ٻوٽو.
- **آروچيڙ**: ذ. ڪجو چيڙ (جو ڪارو ٿئي).
- **آروزَکڻ**: پيار رکڻ (ڪنهن پار تي، يا جويائي جو پنهنجي ڏر تي). شوق رکڻ. آر رکڻ.
- **آروڪرڻ**: ڪُکڙ جو. ڪوڙي هيٺ آنا رکي وهڻ – چار ڪرڻ. انگل ڪرڻ. لاڙو ڪرڻ.
- **آروڪڻڻ**: ڪکڙ يا ٻئي ڪنهن پکيءَ جو آنن تي وهڻ چڏي ڏيڻ. ڳٽون، ٻکري وغيره جو پنهنجي ڏر تان پيار ڪٽي چڏڻ. پار جو راضپو رکڻ ۽ ان کي هر طرح خوش ڪرڻ ـ انگل سهڻ ڪنهن جي مرضي موجب ڪم ڪرڻ.
- **آروڪَجڻ**: پيارهجڻ. سڪ هجڻ.
- **آري تي وهڻ**: ڪکڙ(يا ٻئي پکيءَ جو) آنن تي ويهڻ. لاڳيتو يا ڪو گهر ۾ ويهڻ.
- آرو ج آرا (ث): صفت. ان ٻکو – ڪجو (چيڙ وغيره).
- **آرُوڄ آرُوڄ**: ذ. صفت. پيار ڪندڙ.
- **آروئلو**: ذ. [ف. آري = هائو + ٻلي = هائو] ڪنهن کي راضي رکڻ لاءِ هائو هائو ڪرڻ جو طريقو – آلوپلو. ها ۾ ها ملائڻ يا خوش ڪرڻ جو نمونو. جاپلوسي – خوشامد. صفت. پيار ڪندڙ.
- **آروٻلو ڪرڻ**: همٿائڻ. اڃي منجي ڪرڻ. همدردي ڪرڻ. آلو پلو ڪرڻ.
- **آروٽ** ج آروٽون (ث): ث. [ف. آلوده: سن. آروش] گهري ننڊ. استغراق. اونگهه. محويت.
- **آروڻار**: ظرف. آرپار.
- **آروجهيو** ج آروجهيا (ث): ذ. سٽ يا ريشم وغيره جو منجهيل ڦورو.
- **آروڙ** ج آروڙ: ذ. آلي يا ٽليل گاهه جو ڪوٽر – آهر.
- **آروڙجڻ**: فعل مجهول. [سن. آ + رُٹ = ڪاوڙجڻ] ڪاوڙ وقت منهن ۾ گهنڊ پوڻ. ڪاوڙجڻ – ڏمرجڻ "آروڙ جي اٿيو. ديمين پيس دانهه" (شاهه) (آروڙيو – آروڙيو – آروڙيل).
- **آروڙڻ**: مصدر. [سن. آ + رُٹ] ڪاوڙائڻ. [سن. ١. آلوڏَن = گندڻ. اڪيڙڻ. ٢. اُتڪَرشڻ = هر ڏيڻ] هڙڏيڻ. پوک لاءِ ريج ڏنل زمين ڪي ڪيڙڻ. ساريال زمين ۾ پاڻيءَ اڃڻ کان پوءِ بج چٽڻ. (آروڙيو – آروڙيندو – آروڙيل).
- **آروڙ** ج آروڙا: ذ. [سن. آلود] ٿوري پاڻيءَ ۾ گپ ۾ زمين جي ڪيڙ. گپ يا گاري جو ليپو – پوٽو – پوچو – راڳو. ڪلرائيءَ سڪل اڏ کي ڏنل ليپو. جام جي مرمّت. [سن. اَرڻ] جنگ – جهيڙو – آرآڙو.
- **آروڙو ڏيڻ**: ليپو ڏيڻ.
- **آروڙي** ج آروڙيون: ث. [سن.آلودیا] آليءَ مٽيءَ جو ڍڳ. گند گوبر جو ڍڳ – آڙوڙي. دل جي پليتي – خرابي – بيمائي – دوئي "ڪڏي آروڙي. نہ سُکي ٽئي سامي جئي" (سامي). مالهه ۾ پيل ڪائين مان هڪ ڪائي – اِرڙي.
- **آروسڻ**: مصدر. [سن. اَرْس = زخم. ڦٽ] آهستي آهستي ڪنهن زخم مان گُندَ ڪڍڻ. سُوتڻ (پيٽ. رسي. تنگ وغيره کي). آڏ ڏيڻ – مالش ڪرڻ – هٿ هڻڻ.
- **آروڻ** ج آروسون: ث. مالش.
- **آروءُ**: ذ. [ف] اوگرائي.
- **آروگي، آروگي** ج آروگيون (ث): ث. [سن.آروگيہ] بدني روڳ. سڙيل بدن جي ٻوٻر. مرڻي سارڻ جي جاءِ ـ مَسانڻ. چڪيا.
- **آروگيڻ**: ذ.[سن.أ=نہ +روگ = مرض] علم بيماري. نَمَرائي – تندرستي – چڱيلائي – صحت.
- **آرونپار**: ذ. پريون پار. ڪارونپار. "ايندو آرائي، لوري آرونپار کي" (خانزئي).
- **آروهَ**: ث. پيار پري لوڏ "انهن جي آروهَ. جيارين جيءَ جلال جئي" (جلال).
- **آروهڻ**: مصدر. [سن. آ + روهْ = اٿڻ. چڙهڻ] مٿي چڙهڻ "اديون آروهَڻ آئيا. جَبل جاکوڙا" سُوار ٿيڻ (اٽ. گهوڙي. گڏهه وغيره تي).
- **آرَه**: ذ. [ف. ارّه] ڪارائي – ڪرتُ.
- **آرَه ڪش**: ذ. صفت. ڪاٽ جيرو – واڍو.
- **آرَه، آرَه**: ث. [ع. رائي = راءِ:سن. آرو] مرضي. راءِ ـ رايو – لحاظ.
- **آرَه رَکڻ**: (پار جي) مرضي رکڻ. راءِ رکڻ. آرو رکڻ.
- **آرهاڙ** ج آرهاڙا (ا): ذ. آرهڙ.
- **آرهاڙي**: آرهڙ (مٽي – جون) جو ڏٽ (سگهه پکا ۽ پيرون). جن جي مٽي رس ۾ ٻيو ڪو ڏٽ (لنب جو ڏاڻو وغيره) رڌجي. آرهڙ جي ڏٽ وارو طعام.
- **آرهڙ** ج آرهڙ: ذ. اونهارو.
- **آرَهْ (ث)**: ڏ. [سن. ١.اَرَٹْيہ = ويرانو. بريت. ٻيلو: ٢. اَهْلَيہْ = اڻ هر ڏنل] بنا وس جو سَال (جنهن ۾ مينهن به نہ پوي ۽ پاڻيءَ جو رڙ به نہ اچي). اُرَه. خشڪي. ٻُڪ.
- **آرَٹڻ**: ث.[سن. اَرٹْيہْ= ٻيلو] گدرڻ هنداڻن جي پوک – آرَڻ. آڏائين جو فصل.
- **آري**: ذ. صفت. [سن. آريہ = شريف.سڌريل. خاندان] سڌريل. پڙهيل.شريف. عزت مند – مانوارو.خاندائي. سردار. [اسمخاص] هوت قوم جي سردار جو نالو. پنهون، جي پيءُ جو نالو پنهون جام "بَرَ پرڻَن

بکاءِ اکندیا آريءِ لءِ گهڻو" (شاه). (ظرف). [ف] هائو.

• **آريُ ج آريُوڻ**: ٿ. [فـ اَرَه] کارائي ۽ کرٽيٽائي گجرن جو آچار ۽ آهري. (صفت) سهيلي ۽سرتي ۽ جيڏي.

• **آري**: صفت. [ف] واري ۽ جي. لفظن ۾ "جي" معنيٰ ڏيکارينڊڙ پچاڙي "خريداري، کمداري وغيره".

• **آريا (ک)**: ٿ. [سن.آد + وَرِ] سڙه جي ٻڌڻ جي ڏگهي کاڻي.

• **آريا ڪرڻ (ک)**: (ٻيڙيءِ جو اصطلاح) واءِ ۾ ٻيڙيءِ کي پنيرو هلڻ لاءِ مورگيل ۾ گوش وارو واجهه ڏور ڪرڻ. (پتو) ڏور ڪرڻ. ميلڻ. آڏ جو ورمٽائڻ. آڏ کي هواموجب سڌاري ٻڌڻ.

• **آرياڻي ج آرياڻيون**: ٿ. صفت.[سن. آرِيَة +وَنِي] آريه قبيلي جي چوڪري يا عورت. آريءِ نسل جي عورت ۽ شريف عورت. معزز خاتون. سائٽ. آريءِ جامر جي اولادمان "مون کي چڏ نه چهرين. آرياڻي آڌاز" (شاه). گلن وڪڻندڙ عورت ۽ باغائٽ.

• **آرِيَتا**: ٿ. ٻل مانسائي ۽ شرافت.

• **آريتو ج آريتا**: ذ. صفت [ع. عاريت = اوڌر]مال مرڪلينڊڙ (ٻئي ملڪ يا شهر مان) ۽ گماشتو ۽ دلال ۽ آڏيتو.

• **آريتڻ ج آريتيُون**: ٿ. اُها جويائڻ جا پاڙي (ڪاڏي. لالچ) تي ڪير ڏهڻ ڏئي.

• **آريتڻ (ٿ)**: مصدر. آليٽڻ ۽ ليٽڻ ۽ ٿوري دير سمهڻ.

• **آريتي ج آريتيون**: ٿ. صفت. رنگين ڪپڙن واريون (زالون) "آريتيون اڇڻ تي ڪڍن انگ اڪڙيون" (جلال ڪتي).

• **آريڪ (ک)**: ذ. [سن. آرَبْ(آ + رَبْ = منيءِ جو اُپامڻ) ڪلر جي اچي منيءِ] اُپاميل ڪلر واري نرم زمين (جنهن ۾ اُٺ يا گڏه ليٽهڑو ڪن). (اُلن جي) وهڻ (يا ليٽڻ) جو هنڌ. اُٺ جي ليٽ. وهڪ. جهوڪ (ل).

• **آرِيڙو آريڙو ج آريڙا، آريڙا**: ذ. [سن. اَرشْٽ] وڏو جو مڪ قسم ۽ انهيءِ وڏ جو ٻج (جو گول داڻن جي صورت ۾ سوياريءِ جيڏو ٿئي. جنهن کي پڇي کلون پاڻيءِ ۾ وجهي چاچولجي ته صابڻ وانگر گجي ٿئي. ۽ ان گجيءِ ۾ ريشمي ڪپڙا ڏوتا ويندا آهن. ٻج جو اندريون گول ڪارو داڻو بدنظر کان بچڻ لاءِ ٻار جي ڪرائين ۾ ٻڌبو آهي). گڙئي جو سُڪل ٻج.

• **آريڙوٽا**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرِيڻ ج آريڻ**: ذ. بنا ريج خشڪ زمين جو ٽڪر ۽ اَريڻ. (ٿهور زمين جو) پونو يا ميدان بيابان. ڪُرِ.

• **آريڻا**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آريڻيُ**: ٿ. درياءَ کي پرتي ڪنڊ شاخ (جا ڪنهن جبل نان وهي اچي نديءِ ۾ پوي).

• **آرِيڻو ج آرِيڻا**: ذ. آريءِ جو اولاد. آريءِ جامر جا پٽ "وارو وڙ وئي ويا. آريڻا اظلام" (شاه).

• **آريُو**: اسر خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آريُوڻ ج آريُوڻ(ل)**: ٿ. گند جو ڍير ۽ اَروڙي(ل).

• **آريُوڻ، آريُوي ج آريُوڻ (ل)**: ٿ. اِروڙي.

• **آريُوڻ ج آريُوڻ**: ٿ. [ع. عريضه] عريضي.

• **آريُ سَرَ**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آريُسراءِ**: ذ. [سن. آريُشَر < آرِيُش = ٻوڙ جي پاڻيءِ جو ٻينڊل ڏهه. ڏورو ف. آريز] ڏوري جو پاڻي. (اسر خاص) سيوهڻ تعلقي ۾ آرهيءِ جي پرسان مُهاڻن جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **آريڪڻ ج آريڪڻ**: ذ. [سن. آل + لَڪشَڻ مُهاندو ۽ شڪل ۽ صورت ۽ چهرو. شبيهه. علامت. نشان. روش "سلجٽو ۽ ڪلجٽو آريڪڻ ۾ پڏرو [سن. آليشَنف] ڪورڪي ڪر جي هڪ اوزار جو نالو. (جنهن مان تاجيءِ جون تندرون لنگهائين: آريڪڻ همیشه ۾ عدد ٽيندا آهن).

• **آرِيَ، آرِيَة**: ذ. صفت. [سن. آرِيَة] سڌريل. پڙهيل. شريف عزت وارو ۽ مانوارو ۽ مانائتو ۽ معزز. بزرگ. وڏو. مقدس. خانداني. سردار. (اسر خاص) هندستان جي هڪ قديم قوم جو نالو. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پنٿ.

ـ **آرِيَ برَهْمَڻ**: ذ. معزز برهمڻ.

ـ **آرِيَ ديشَ**: ذ. آرين جو مُلڪ.

• **آرِيَ پاتَ**: صفت شريف اخلاق مانهو. شريف. معزز

• **آرِيه پُتر**: ذ. آريه جو پُٽ. شريف مانهو.

ـ **آرِيَ رَوِپ**: ذ. صفت. ڏسڻ ۾ شريف (پر) منافق. پاکنڊي. ٻهه رُويي. ٻوڳي.

ـ **آرِيَ سَماجَ**: ذ. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پنٿ.

• **آريه سفيه**: ذ. اعليٰ صدق. سچو. سُٽ. سچائيءِ جو سندرو.

ـ **آرِيَ سَماجِي**: ذ. صفت. آريه سماج جو فرد سوامي ديانند جو پوئلڳ.

ـ **آرِيَ مارگ**: ذ. عزت وارو رستو يا طريقو.

ـ **آرِيَ وَرْتَ**: ذ. (قديم) آرين جي بينڪ. هندوستان جو قديم نالو.

• **آرِيَ ويشَ**: ذ. صفت. سڪر مانهوءِ وانگر پهريل. (ذ) آرين جي پوشاڪ ۽ شريفانو ويس.

• **آرَ ج آرُون**: ٿ. [سن. ١. آـرُ =روڪڻ. پري جهلڻ. اٽڪ وجهڻ. بچائڻ. لڪائڻ. ڍڪڻ. ٢. آ ـ وَرَ = ڍڪ. پوشاڪ. ڪپڙو. لوڙهو. ديوار. ڀال. تاڙي. اٽڪاءُ. روڪ] اوٽ ۽ پناه ـ اولو ـ لڪ ۽ اڇهو ۽ پردو ۽ ڍڪ آڏ ۽ روڪ ۽ ٽيڪ. سامر. آرِيَ [سن. آوال = وَڪَڙ] اوهاڙ ۽ جڪاس ۽ جاچ ۽ واڻٽ.

ـ **آڙ ٽيڻ**: بچاءَ ٽيڻ. آڏو اچڻ (مخالفت ۾).

ـ **آڙ ڏيڻي ٻيهڻ**: آڙ ڏيڻ. آڏ ڏيڻي ٻيهڻ. ڪا شيءِ مُنهن ۾ ڏيئي ٻيهڻ. هوڏ ٻڌي ٻيهڻ. قدو ڪرڻ.

• **آڙ گولڻ**: وڃهه گولڻ ــ ٻنگ ــ موقعو.

ـ **آڙ ۾ وهڻ**: ڪنهن شيءِ جي اوٽ ۾ لڪي وهڻ. گوڏا ڪوڙي ٽوڙنئين تي ٻُڪ هڻڻ. شڪار لاءِ ڪڏڻ ۾ لڪي وهڻ.

• **آڙا گوڙيُ، آڙا گهوڙيُ**: ث. [سن. آرا گوريء = پاڻيءِ جي آڏل پڌل ۾ پڃڻ يا مڇيءِ وانگر ترڻ] گوٺ نانءُ يا گوهيءِ واري چال گوٽناڻي ــ تال متول ــ آناڪاني.

• **آڙا واڙيُ (ت)**: ٽٻويجها مائٽ. ڪٽنب. آکيه. قبيلو.

• **آڙاهَ ج آڙاهَ**: ذ. [سن.آوَرْنَ > آرَڻ = ڪُن. اوڙاهَ] ٻاڻ جو مُڇ. ڪوڙو. نرڳ ــ دوزخ. [صفت] تمام وڏو. اٿاهه اونهو. حد درجي جو.

• **آڙ پاڙ (ل)**: ث. آٽڻ ۾ موتائي ڏيڻ جي حالت. سڌوبدل جو سودو. سودي جي لاڙ پاڙ ــ مَٽ سَٽ.

ـ **آڙپاڙ ڪرڻ**: آيل مال جي پيل مال سان بدل سدل ڪري وٺڻ (جيئن، اَنّ ڏيئي ڪپڙو وغيره وٺڻ) وهنوار صاف ڪرڻ.

• **آڙ جهاڙ (ل)**: ث. اناج جي مَٽ سَٽ (جيئن ڪنڪ جي عيوض جانور ڏيڻ). (ظرف) لاڙ پاڙ.

ـ **آڙ جهاڙ ڪرڻ**: جنس جو سودو جنس ۾ ڪرڻ.

• **آڙڪ (ٿ)**: ث. برسات تي اُپرندڙ اٿپوکيل (خود رَو) جهنگلي گوار (ڪاري ڄاڻ سان).

• **آڙما**: ذ. گل جو هڪ قسم "ارنا آسا آڙما، عاجز املداس" (جانوچارڻ).

• **آڙماڙ**: ث. [انگ] آرماڙ.

• **آڙنگ ٽيڻ**: گرمي يا گهُٽ ٽيڻ.

• **آڙنگ ج آڙنگ (ل)**: ذ. [سن. آ + گهْرمَ = گرمي، بگهر] برسات کان اڳي هواجي گهُٽ. ٻوسٽ ــ رُکهه ــ رونپو "آڙنگ آگر لايا وي، رم جهم بادل کيا بهارا" (ميراڻ محمد شاهه).

• **آڙهُ**: مصدر. [سن. ۱. آهْلادْ = خوش لڳڻ. وٺڻ. ۲.آوْر = چوندڙ، پسند ڪرڻ. چاهڻ. ۳. آورَنْ = سيبائڻ. وٺڻ] وٺڻ ــ پسند اچڻ ــ سهڻو لڳڻ ــ آٽڻ ــ سيبائڻ "جي ڪارُون آڙيا ڪانڌ کي. ته روئي ريجهائيج" (شاهه). [سن. آوْر = روڪڻ. بند ڪرڻ] روڪڻ ــ بند ڪرڻ. پري جهلڻ. اڙائڻ ــ انڪائڻ ــ ڦاسائڻ. آڏ ڏيڻ. ڍڪڻ ــ لِڪائڻ (جيئن، پيري جوڙن جا پير ڍڪيون) ــ پيرن جا نشان جاچڻ يا گولڻ. [سن. آوْ دارَڻ] جاچڻ ــ جڪاسڻ (آڙيو ــ آڙيندو ــ آڙيل).

• **آڙهُ پاڙهُ**: هڪٻئي کي عيوض ڏيئي وهنوار صاف ڪرڻ. لاڙ پاڙ ڪرڻ.

• **آڙو**: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آڙو ج آڙا**: ذ. درياءَ جي چڊيل ٻيٽاري (ت). پاڻيءِ جي وچ ۾ رهيل ڏڙي (جنهن تي ماڻهو ويندل هجن). ٻَنن ٻڌل پاڻي (يعني ٻاري ۾ ٻيندل پاڻي جنهن جي جوڙاري وڏو ٻنو آيل هجي. وڏو ٻارو (ٻوڪ جو). ڪانن جو ٻَنڊ ــ گڏو (ل). ڦرجهلو ــ جهَلَ ــ آسرو ــ ڏِڪ ــ پناه ــ پُشت "ميرَ مدايون ميتين تون. آهين عالم جو آڙو" (صاحبڏنو). سَٽ جي بن تندن جو ٻنو ڪيل قورو. آرو ــ ڪيتو ــ رُسامو ــ تيسو (ٿ) (صفت) ڏنگو ــ قِدّو (ٿ) آڙي ج آڙيون.

ـ **آڙا ٻڏَڻ**: وڏا ٻنا جاڙهڻ.

ـ **آڙو چرنال**: ذ. دهل. ڪواز يا طبلي جي هڪ وجت (جنهن ۾ ۱۴ ماترائون ٿين).

ـ **آڙو وجائڻ**: "آڙو" تال وجائڻ. منجهائي وجت ڪرڻ (جيئن گوئيو تال ۾ پُلجي ٻوي).

• **آڙو**: رنگ. بيج. آڙو.

• **آڙوڙ**: ذ. ميوي جو هڪ قسم.

• **آڙو پاڙو**: ذ. اوسو پاسو ــ آس پاس. جنڊ و پاڙو. پاڙو ــ ويڑهو. اوڙو پاڙو.

ـ **آڙو پاڙو اُجهائي ڪڍڻ**: آس پاس جي رهاڪن کي بيزار ڪرڻ. پاڙيسرين کي نهايت تنگ ڪرڻ ــ اوڙو پاڙو تپائي ڪڍڻ.

• **آڙ ــ ويڙ (ت)**: ث. دوا درمل ــ سُٽي ڦڪي.

• **آڙهُ ج آڙهَ**: ذ. باهه جو وڏو مُڇ ــ آڙاهَ "سنجهي صبح سوريان. سي ڪيئن آڙهُ اُجهامن" (رمضان ڪنبر).

• **آڙهاري**: ذ. صفت. آرهڙ جو (فَصَل. جنهن ۾ رڳو گاهه ٽٽي جو وهتن کي ڪارائين).

• **آرهُڙ**: ذ. [سن.آشاڌ = آکاڙ = هندن جي هڪ مهيني جو نالو] اونهارو ــ آرهُوَ.

• **آرهُنگ ج آرهُنگ**: ذ.آرُنگ.

• **آرِيُ ج آرِيُون**: ث. [سن. آت. آدِ] ڏاندي پکيءِ جو هڪ قسم (ڳجي ڏگهي. رنگ ڪارو) بولاهي ــ مُرغابيُ. [سن.آدِيُ] راڪٽيءِ جو هڪ قسم.

• **آرِياڻِي ج آرِياڻِيُ**: صفت. [سن. آرِيَڻ = بندبل] اڙيءِ يا ڪنهن ڪاڻِ ۾ قائل باندي ــ قيدي. آرياڻو.

• **آرِيانو ج آرِيانا**: ذ.[ف. آشيانَهْ] آشيانو. آستانو. (ڪائين جي آڙ ٻڌل) آکيرو.

• **آرِيتو ج آرِيتا**: ذ. صفت. آديتو.

• **آريڪا**: آڏا ڏکيا جاڙهه ۽ وَڻ. وَڻ ۽ ونوارا گهيرا. قيرا. بيج وراڪ

• **آڏي ڪاب ج آڏي ڪاب:** ذ. صفت. [انگ. Aid de camp= آفيسر جي ڪنڌ ۾ مدد ڪندڙ] چالاڪ هوشيار. بهادر – پهلوان. هر اتڪلي. حرفتي.

• **آڏيڪڻ (ٿ):** مصدر. [سن. آلِيڪَنُ = جوڌاري ليکو ڏيڻ] گول ليکو ڏيڻ. پرت لاءِ ڪجي ڏاڳي سان ٽِڪُون ڪپڙي تي اتڪائڻ.

• **آڏيڪو ج آڏيڪا (ل):** ذ. [سن. آڪَرشَڪِ. آڪوشيه = ڪُنڊيو] ڪُنڊو. آڪڙو. آنڪڙو – انگوڙو. ڪُنڊيُ. ڪلوٽڙو. پيچ – وڪڙ – وَڙ "اديون آڏيڪا، هينڙي پير هوت سين" (شاه). رسي جي ٻَڌ کي مضبوط ڪرڻ ۽ رسي کي وڌيڪ ۾ ڪر ايندڙ ڪائي. آڙُڻ (ٿ). ڏُنگ – وَڙ (ڪتي يا شينهن جي پڇ جو) "آڏيڪو نہ آلهي. تورڙي نڙاندي، نوَ سال". زمين جو وڏو ٻارو (ت).

• **آڏيڪو ج آڏيڪا:** ذ. جابلو زمين ۾ بارائي ريج لاءِ ارن ٽهيل زمين ۾ ٻڌل وڏو ٻنو. وهندڙ پاڻي کي جهل يا روڪ لاءِ ٻڌل ٻنو.

• **آڏيگوڙ ج آڏيگوڙ:** ذ. صفت [سن. انْتراپه = اڙي وجهندڙ] رڪاوٽون وجهندڙ – آڙاگوڙي ڪندڙ – اڙيٻاز.

• **آڏيئي:** (هيڻين لاڙ ۽ ڪڇ جي جاتڪي بولي جو لفظ) توکي وٽي. آڙيئي.

• **آڏ:** ذ. [ف] شوق. خواهش. آس ـ اميد لالچ ـ لوڀ. حرص.

ـ **آڏهُنڊ:** ذ. صفت. خواهشمند. آسروند – اميدوار. حريص – لالچي – لوڀي.

• **آزاد ج آزاد:** ذ. صفت. [ف] خودخيال – پنهنجي مرضيءَ وارو – خودمختيار. آجو – ڇُٽل – ڪليل. چرواڳ. واندو. اڪيلو. سَرُ جي وڻ جو هڪ قسم. هڪ قسم جو زهريلو وڻ.

ـ **آزاداڻ:** ظرف. آزادي، سان. ڪلي، طرح – ڪليو ڪلايو.

• **آزاداڻ راءِ:** ث. بي طرفداررائ، نهراءِ يا رٽ.

ـ **آزاداڻ وَضعَ:** ث. آزاد هلت چلت. عام ماڻهن کان نرالو ڍنگ.

ـ **آزادُ ٽِيڻ:** آجو ٿيڻ ڇُٽڻ (قيد يا بند مان) – نڪرڻ (مصيبت مان) ـ واندو ٿيڻ (ڪنهن ڪم مان).

• **آزاد خُو:** ذ. صفت. آزاد عادتن وارو.

ـ **آزاد خيال:** ذ. صفت. خود خيال. پنهنجي، مرضيءَ وارو.

ـ **آزاد رَهڻ:** پنهنجي روءِ سوءِ رهڻ. چرواڳ رهڻ. بي تعلق رهڻ. اڪيلو رهڻ.

• **آزدرو:** ذ. صفت. آزاد ويندڙ. آزاد هلت چلت.

ـ **آزاد طَبْع:** ذ. ث. خود خيال. خيالات جو آزادي، (بنا دٻ) سان اظهار ڪندڙ. بي خوف – بيپرواهه.

ـ **آزاد ڪرڻ:** اڪيلو ڪنهڻ. چيڪ گهمڻ.

ـ **آزاد ڪرڻ:** آجو ڪرڻ – چرنڪارو ڏيڻ.

ـ **آزاد گان:** ذ. صفت. آزاد مرد. دنيا جي پابندين کان ڇٽل ماڻهو.

ـ **آزادگي:** ث. آجائي – چرنڪارو. چڙواڳي. فرصت – واندڪائي. اڪيلائي. آزادي.

ـ **آزاد هُڙدُ:** ذ. بلند خيال آدمي. آدي نِرش.

ـ **آزاد مزاج:** ذ. صفت. آزاد طَبْعَ. لاپرواه.

ـ **آزادي:** ث. خودمختياري. خودخيالي. چرنڪارو – آجائي. رهائي. فرصت – واندڪائي. نجات – مرڪ. اڪيلائي.

ـ **آزادي ملڻ:** چرنڪارو ملڻ. فرصت ملڻ. واندڪائي ملڻ. نجات ٽيڻ.

ـ **آزادآبي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو)

ـ **آزار ج آزار:** ذ.[ف] تڪليف – اهنج – اوڪائي – ڏک. عذاب – مصيبت – ڏاڪڙو. ايذاءَ – سور – دُرُد. جنجال. بکيڙو. بيماري – روگ. گاروٽي – جهوري – وجهل "ساڻ صحت سبرين، آهي نہ آزار" (شاه). (صفت) تڪليف ڏيندڙ – آزاريندڙ "دل آزار، وغيره".

ـ **آزار اُٿارڻ:** مصيبت پيدا ڪرڻ – آزار ٻارڻ.

ـ **آزار بُنجَڻ:** ڪنهن لاءِ ايذاءَ جو ڪارڻ بنجڻ. آزار ٽيڻ.

ـ **آزار ٻارڻ:** تڪليف ڏيڻ. مصيبت پيدا ڪرڻ. ايذاءَ ڪرڻ.

• **آزار برڻ:** تڪليف پيدا ٽيڻ. مصيبت پيدا ٽيڻ. ايذاءَ ٽيڻ.

ـ **آزار ٽِيڻ:** تڪليف ٽيڻ. سَوَرَ ٽيڻ – دُرُد ٽيڻ. جنجال ٽيڻ. رنج جو سبب بنجڻ.

ـ **آزار پرائڻ:** تڪليف يا ڏک حاصل ڪرڻ. جنجال ۾ پوڻ.

ـ **آزار ڪرڻ:** ڪنهن کي بيماريءَ جو عام ٽيڻ. مصيبت ڦهلڻ.

ـ **آزار ڪڙڻ:** مصيبت ڦهلڻ – ڪا وڇڙندڙ بيماري وڏو تڪليف عام ٽيڻ.

ـ **آزار پهچائڻ:** تڪليف رسائڻ. ڏک ڏيڻ. ايذائڻ – ستائڻ. هلاڪ ڪرڻ – ڪڪ ڪرڻ.

ـ **آزار پهُچڻ:** عذاب رسڻ – اهنج رسڻ. تڪليف پهچڻ. درد رسڻ.

ـ **آزار پيدا ڪرڻ:** تڪليف پيدا ڪرڻ – مصيبت ڪڙي ڪرڻ – آزار ٻارڻ.

• **آزار چڙڻ:** درد جو لهي وڃڻ بيماريءَ جو لهي وڃڻ.

ـ **آزار ڏيڻ:** تڪليف ڏيڻ. ڏک رسائڻ. ايذاءَ پهچائڻ. اهنج ڏيڻ.

ـ **آزار رسائڻ:** تڪليف پهچائڻ – ڏک ڏيڻ – ايذاءَ رسائڻ.

ـ **آزار رَسڻ:** ايذاءَ يا اهنج پهچڻ. تڪليف پهچڻ.

ـ **آزار ڪرڻ:** تڪليف ڏيڻ. ايذاءَ ڏيڻ. ڏکوئڻ – اهنجائڻ. آزار جاڙڻ.

• **آزار ڪڻ:** تڪليف برداشت ڪرڻ. جنجال ۾ هٿ وجهڻ.

ـ **آزار عجائڻ:** آزار ٻارڻ – تڪليف پيدا ڪرڻ.

• **آزار مڃڻ:** آزار، بار، مصيبت پيدا ٿيڻ.
- **آزارِ پوڻ:** تڪليف ۾ پوڻ. مصيبت ۾ قاسڻ. جنجال ۾ پوڻ.
- **آزارِ وجهڻ:** تڪليف ۾ وجهڻ. مصيبت يا جنجال ۾ وجهڻ.
- **آزاري:** ذ. صفت. تڪليف ڏيندڙ — آزاريندڙ. ڏکوئيندڙ. بيمار. تونتي — ڪمزور. جنجالي.
• **آزارڻ:** مصدر. [ف. آزاريدن] تڪليف ڏيڻ رنجائڻ. ڏکوئڻ. زخمي ڪرڻ — ڪمزور ڪرڻ. بيمار ڪرڻ. هلاڪ ڪرڻ — ستائڻ — تنگ ڪرڻ. (آزاريو — آزارينڊو — آزاريل).
• **آزر:** اسم خاص. [ع] آذر "منهن ۾ مسلمان. اندر آزر آهيين" (شاهه).
• **آزر:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي پيءُ يا چاچي جو نالو (جو بت ٺاهي وڪڻندو هو).
• **آزر:** ذ. [ف. آزار ' جو مخفف] مرض. ڏک. (صفت) آزاريندڙ.
• **آزرت، آزُرت:** صفت. [ف. آزرده] ڏکويل. عاجز ـ ڪ.
- **آزرتو:** صفت. آزُرتُ. مُنجهيل — پريشان.
• **آزردگي:** ث. [ف] تڪليف. رنجش — رنجيدگي. غم — ڏک. پريشاني. خفگي. ناراضگي.
• **آزردو ج آزردا:** ذ. صفت. [ف. آزرده] ڏک وارو عاجزي وارو. ڏسو "آزرده" (ث) آزردي ج آزردين "غافل گرناري، آزين آزردين ڪري" (شاه عنات).
• **آزرده:** صفت. [ف] تڪليف وارو. ناخوش — ڏکويل. رنجيده ـ غمگين — ناراض. اداس — ملول. پريشان. ڪ — آتو. منتظر.
- **آزرده خاطر دل:** ذ. صفت. دلگير. رنجيده — اداس — ما ' — غمگين.
- **آزرده دلي:** ث. دلگيري. افسردگي — غمگيني.
- **آزرده ڪرڻ:** ناراض ڪرڻ — ڏکوئڻ — رنجائڻ. خفي ڪرڻ — ڪ ڪر ـ پريشان ڪرڻ — حيران ڪرڻ.
• **آزرم:** ث. [ف] شرم - حيا. لڄ. ادب. احترام. صلاح. ناهه.
• **آزق، آزوق:** ذ. آزڪ.
• **آزڪو ج آزڪا:** ذ. [ع. آذُوقَة] آڇڪو. "آزڪو ابائن جو آهي ڏونرا پسي جهڙ" (نواب حاڻ علي لغاري).
• **آزڪي (ل):** ث. آڻين جو اڇاول ڪتو ڪير. ڦٽل ڪير جي ڪتان.
• **آزما:** صفت. [ف] آزمائيندڙ. صفاتي پڄاڙيءَ طور ڪم ايندڙ لفظ "همت آزما. محبت آزما".
• **آزمائش، آزمايش ج آزمائيشُون:** ث. [ف] آزمودو — امتحان. تجربو. پرک — چڪاس — جاچ.
- **آزمائش وَڻڻ:** امتحان وڻڻ — آزمودو وڻڻ — پرک لهڻ.
- **آزمائشي:** ذ. صفت. آزمائش لاءِ ـ پرک طور — چڪاس وارو — تجرباتي.
• **آزمائڻ:** مصدر. [ف. آزمودن] آزمودو ڪرڻ ياوڻڻ — امتحان وڻڻ — پرک لهڻ. چڪاسڻ — جاچڻ "آزمائي ڪي آزمائي. سو ڏوڻ منهن ۾ پائي" (آزمايو — آزمائيندو — آزمايل).
- **آزمائي ڏِسَڻ:** امتحان وٺي ڏسڻ — پرکي ڏسڻ — تجربو ڪري ڏسڻ.
• **آزمُودو ج آزمُودا:** ذ. [ف. آزموده] امتحان — تجربو — پرک. چڪاس — آزمائش. استعمال.
- **آزمُود گار آزمُودِه‌گار:** صفت. [آزموده + گار] تجربي وارو — تجربه ڪار. جهان ديدو. هوشيار. ماهر.
- **آزمُودي خاطر:** ظرف. آزمودي لاءِ ـ تجربي طور. انڪل ڏوءِ ـ نموني خاطر.
• **آزوور:** صفت. [ف. آز + ور] خواهشمند — گهرجائو — حاجتمند — محتاج — ڪتل — سُجو.
• **آزيُ ج آزِيُون:** ث. [ف. آز = سَڏ] منٽ — التجا — نيزاري. سڏ ياخواهش ڏيڪارڻ جي حالت.
- **آزيُ ڪرڻ:** منٽ ڪرڻ — نيزاري ڪرڻ. التجا ڪرڻ.
- **آزيُ نيازيُ، نيزاريُ ج آزِيُون نيازِيُون، نيزاريُون:** ث. منٽ ميڙ.
- **آزيُ، نيزاري ڪرڻ:** منٽ ميڙڪرڻ — ليلائڻ.
• **آس ج آسُون:** [پرا. آشا: سن. آشا < آش = حاصل ڪرڻ: فـ آز] اميد — آرزُو — آسرو. خواهش — تمنا. پروسو "الله جي آس ڪري هليو هيائين" (شاهه) مينهن يا ڏڄيءَ جي سار جو اندريون حصو (جو ڏڪي ٽيڻ بعد سڄي پوي ۽ وهڻ وقت باهر نڪري اچي) —سُپرو (ت). [ف] آڪاس — آپ.
- **آس اُپاڙ:** اميد. تمام گهڻي اميد.
- **آس اُميد ڏِسَڻ:** اولاد جي شاديءَ جي مُرادَ اڪين سان ڏسڻ. جيئري مقصد پورو ٽيڻ.
• **آس اولاد:** ذ. بار بچا — عيال اولاد.
- **آس بَڌڻ:** اميد رکڻ — آسرو رکڻ.
- **آس پُڄائڻ:** مراد پوري ڪرڻ. اميد پوري ٽيڻ.
- **آس چڏڻ:** اميد ترڪ ڪرڻ — اميد لاهڻ. نراس ٽيڻ.
- **آس ڏِيڻ:** آسرو ڏيڻ — اميد ڏيڻ. تسلي ڏيڻ.
- **آس رَکڻ:** اميد رکڻ. آسرو رکڻ.
- **آس سان ٽِيڻ:** اميد واري هُجڻ — پيٽ ٽيڻ — حامل ٽيڻ.
- **آس ڪَڍڻ** (ل.ث) جوياڻيءَ جو ڪچيرن يا ڪُجو رَتَ باهر ڪڍڻ.
- **آس ڪرڻ:** اميد ڪرڻ — پروسو ڪرڻ. توڪل ڪرڻ.
• **آس مراد:** ث. اولاد جي خواهش.

ـ **آسُ آسيُ ج آسُ آسِيُ:** ذ. صفت آس وارو – آس رکندڙ – آسائتو – اميدوار.

ـ **آسيائو ج آسيائا (ث)** اِ ذ. صفت. آسُو.

• **آسَ:** ث. ڪير ۾ پاڻي ملائي ٻين لاءِ خاص تيار ڪيل اڇ – ڪڇي لسي "عادت ناهن آس جي است آکوري ٻين" (شاهه عنات).

• **آسا ج آساؤن:** ث. [سن. آشَا] آس – اميد – آسرو. اَرزُو – مُراد – تمنا – خواهش. غرض – آشا. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ).

• **آسا:** ذ. گل جو هڪ قسم "ارنا آسا آڙما، عاجز املداس" (جانوچارڻ).

• **آسا بَنْدُ ج آسابَنْد:** ذ. صفت. اُميد جو پڪو. جنهن تي اميد بڌل هجي. آس وارو – آسائتو. آسرو – آڌار. ڏِئِ – آٽت "هوم آسا بند اکين جو. منهنجو سڄڻ سائيها" (رمضان ڪنهر).

ـ **آسا پُراڻ:** صفت. جنهن جي اميد پوري ٿي هجي – ڪامياب.

ـ **آسا جِيُ گولڪِيُ:** ث. مُراد جي مڻي مانيُ (جي آس ٻيبيءَ (حضرت ٻيبي عائشہ) جونْ ٻِڪيُونْ سڏيون آهن. ۽ فقط عورتن ۾ مراد پوري ٿيڻ تي ورهائيبيونْ آهن؛ مردن کي ڪائڻ کان منع آهي).

ـ **آسا رَکڻُ:** اميد رکڻ.

ـ **آسا ڪَرڻ:** آس ڪرڻ – خواهش رکڻ – اَرزُو رکڻ. توکل يا پروسو ڪرڻ.

ـ **آسا گورَک:** ذ. صفت. پيشانيءَ تي گول نوراني تکيءَ وارو. آس پُڄائو – مُراد پُڄائو (جنهن لاءِ آس پڄڻ بعد گول مڻيونْ تکيون ورهائيون وڃن) "منهنجا آسا گورک آڻيا. هتَ سُنُکن سائ سويري (رحميداد فقير). (اسر خاص) فقيرن جو هڪ گروهه (چندر ماسي فقير جن جي پيشانيءَ تي چند وانگر گول، جمڪندڙ نشان ڏنل جو چند جي ڪلائن سان گڏ يا ڏنڻ جي نومي موجب گهٽايو وڌايو وڃي. جاجڪ چندر نومي برهمڻ جي نراڙ تي گولڪي ڏيڻي لولاً ڳاڙهندا هُنا).

• **آساول:** ذ سو آساول

ـ **آساوُنْڊ، آساوُنْڊو:** ذ. صفت. آس پڏل – اميدوار – آسائتو – آسرونڊ.

• **آسائِيُ ج آسائِيُونْ:** ث. [سن. آشَا پرِيَ] زمين جو هڪ قسم (جو پاڻ طور ڪم اچي). پاڙَ زمين (جا پاڻ کان سواءِ پوک نه ڏيئي).

• **آسائِتُ، آسائِتِ ج آسائِتْ، آسائِتا:** ذ. صفت. آساوُنڊ. سڪ وارو. سيکڙُو. (ث) آسائِتِيُ ج آسائِتِيُونْ.

• **آسائُو ج آسائُو:** ذ. صفت. اميدوار – آساوُنڊ. سَوالي "اَوَسَر آسائُو آئي گوندر گڏيا" (شاهه).

• **آسادُ (ڪڇ):** ذ. آکاڙ.

• **آسارَ ج آسارُونْ:** ث. هڪ پکيءَ جو هڪ قسم (پوري رنگ جي ڪنڊين سان پاڻ).

• **آسارُ ج آسارَ:** ذ. آسرو – اميد. يادگيري.

• **آسارا:** اويسرا بيخبر. آسارا.

• **آسارڻ:** مصدر. [سن. آ + سَمَرڻ = ياد ڪرڻ. يڪ خيال ٿي ياد ڪرڻ. (ڏک وڃان) اوسارڻ – ٻار ڪڍڻ – روئڻ "الوداع الوداع، سورٺ آساري" (شاهه). [سن. آشا] آس وارو ڪرڻ. اميدوارڪرڻ. (آساريو – آساريندو – آساريل).

• **آساري ج آسارا:** ذ. [سن. ا. آشَا = اميد: آشْرِيَه = آسرو، پروسو، پناه] پروسو – اميد – آڌار – آسرو "باڙو پڻي نه ٻيڙِي، اَبرُ آساروس" (شاهه).

ـ **آساريَ:** ظرف. آڌار تي – اسري تي "آءٌ جن آساري، مڻي تڙَ گذاريان" (شاهه).

• **آساريو:** ذ. [سن. آسرِيْ = آهَر] پسارڪي وکر جو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ بچ جو هڪ قسم – آهريو.

• **آساڻ (ث):** ذ. آکاڙ.

• **آساسُ ج آساسَ:** ذ. [پرا. آسَاس: سن. آشْوَاسَ (آ + شْوَس = ساهه ڪڍڻ): ف. آسَايْشْ] آرام – فرحت. ساهِي. آسيس.

ـ **آساسُ اَچڻُ:** آرام اچڻ – فرحت اچڻ. آسيس اچڻ.

ـ **آساسُ ڪَرڻُ:** آرام ڪرڻ. ٽڪ ڇڏڻ – دمُ پٽڻ.

• **آساسَر:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ دهه جو نالو.

• **آسامِيُ ج آسامِيُونْ:** ث. [ع. اسم ج أسْمَاءُ ج آسامي = نالا: سن. آشام = سجو. جُٹو] هي لفظ سنڌيءَ ۾ واحد طور استعمال ٿئي. نالي وارو شخص. شاهوڪار گهر. دولتمند فرد. جٹو – شخص – فرد. ڏيتي ليتي ڪندڙ – خريدار – گراهڪ. ملڪيه ماڻهو. وڏيءَ پهچ وارو شخص. ملڪيت – دولت – ناڻو.

• **آسان:** صفت. [ف. آسانِيْدَنْ = سهنجو ٿيڻ] سولو – سهنجو – سوکو. ٿورو "هي، هڏ آسان، پر مگڻهار مڻي وهي" (شاهه).

ـ **آسانُ ٿِيڻ:** سهنجو ٿيڻ – سولو ٿيڻ.

ـ **آسانُ ڪَرڻ:** سولو ڪرڻ. مشڪلاتون دور ڪرڻ. سهنجو ڪرڻ. (ڪم پوري ٿي وڃڻ لاءِ) حالتون سازگار بنائڻ.

ـ **آسانِيُ ج آسانِيُونْ:** ض. سهنجائي – سولائي – سوکائي. سهولت.

• **آسانُبو آسانُبِيُ ج آسانُبا، آسانُها:** ذ. [سن. آشْمُبِي < آشَا = آس] آسرو – اميد – آسانگو. دلجاءِ – تسلي. آڌار. آٽُ. اکنڊ – اکير – پياس. آڙ" جذبو" ڪشش "آسانبي ارواح جي، اُبي نڙ تڪيام" (شاهه).

• **آسانُدو آسانُڈو آسانُبو (ڪ):** ذ. آسانبو – آسانگو. جابلو رڻ جو هڪ قسم (جنهن جي ٻن ۾ تماڪ وجهي ٻيڙي ٺاهجي).

• آسائڊي ج آسائڊيُوڻ: ٿ.صفت. اڪيڊ واريُ –منتظر.

• آسانگو ج آسانگا: ذ.[سن. ١. آشا = آس؛ ٢. آسَنگ = (آ = ساڻ + سَنگ < سَنْجْ =پيار ڪرڻ) لاڳاپو،الفت، محبت] سانگو – آسانبو – آسرو – آهو –اميد – پروسو. تعلق "ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي" (شاهه). سنگت جو سبنڌ – لحاظ – ڏَڻ. پيار – محبت.

ـ آسانگا پلڻ: اميدون آسرا لاهڻ. واسطا تورڻ. تعلقات ختم ڪرڻ.

ـ آسانگو ڇڏڻ، لاهڻ: آسرو پلڻ – اميد لاهڻ.

ـ آسانگي ارواح جي: حياتيءَ جي آسري.

• آساوريُ: ٿ. [سن.آشاوَتيْ] هڪ راڳڻيءَ جو نالو – ميگهه ديوتا جي زال (جا ملار ديوي ۽ ڪوئلجي). راڳ جي هڪ ذات جو نالو.

• آسائش،آساڻش ج آسائش، آسائشُوڻ: ٿ. [فـ آسايش.] آرام – راحت. سُک – آنند. فرحت. شاهي.

ـ آسائش گاهُ: ذ.ٿ. آرام وٺڻ جي جاءِ ـ آرام گاهه.

ـ آسائش هنڌُ: ذ. صفت.آسائش جو هيراڪ – آسائشي. آرام طلب.

ـ آسائُو: آس ڪندڙ، اميد ڪندڙ، چاهيندڙ.

• آست: صفت. سنهي "ورتا قرورون، آست چين عجيب جي" (جلال ڪتي)

• آستان بوسيي: ٿ. چانئٽ چمڻ. نياز نئڙت.

• آستانُ ج آستان: ذ. [ف] چانئٽ – دروازو. ڏيڏي (گهرَ جي)، گهر – جاءِ - مڪان. درويش جي ويهڪ واري جاءِ. ديون، پرين، جنن جو ماڳ.

• آستانو ج آستانا: ذ. [ف. آستانه] آستانُ.

• آسپتائي: ٿ. [ه. اسپتال] ڪنهن منظور ڪيت جي پهرين سٽ ٽل.

• آسْتِين ج آسْتِينُوڻ: ٿ.[ف] قميص،ڪوٽ، پهراڻ وغيره جي بانهن.

ـ آسْتِين جو نانگ: ذ.ظاهر ۾ دوست پر اندر ۾ دشمن.

ـ آسْتِين جا وَهَ: بانهون ڪُنجَڻ. ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ.

• آسْڪانو ج آسْڪانا: ذ. [سن. ف] آستان –آستانو.

• آسْتِرِيليا: اسم خاص. [انگ] هڪ ڪنڊ جو نالو – دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٻيٽ

• آس پاس: ظرف. [سن. ١. آيْ پايْ =مٿي هيٺ، چوڌاري: ٢. آيَس پايس = ڪٻي سڄي، اڳيان پويان = چوڌاري: ٣. آسَهَ + پارْشْوَ] چٽي پاسن – چوطرف –چوڌاري – ارد گرد – چوگرد. نزديڪ – ويجهو.

ـ آس پاس وَسَڻ: فقط ڏاڙين کي فائدو پهچائڻ.

ـ آس پاسَ هُئڻ: ويجهو هُئڻ – نزديڪ هُئڻ. چوڌاري هُئڻ – چوطرف هُئڻ.

• آسَ آسَ: ذ.ٿ. [سن. آشا >آشَر = اميد. آس]آس – اميد "آسَ آهَڙ مَ لاهِ، سجڻ باجهيندڙ گهڻو" (شاهه). "آسَ پري آهيان، الاماڻ اچي" (شاهه). آسرو – آڌار.

ـ آسَائِتُ: ذ. صفت. مدد جي آسري ۾ رهندڙ. دلاسي ۾ رهندڙ. مدد وارو، ٽيڪ وارو.

ـ آسَرِ پري: آسري پري، اميد پري.

ـ آسرِيوَنَاڻِي ج آسْرِيوَنَاڻِيُوڻ: ٿ. صفت. آجائي آسري واريُ (ڳالهه) – اجائي – بي نتيجي.

ـ آسْرِ يوَنَاڻِيُوڻ ڳالهيون ڪرڻ: اجايون، بي نتيجي ۽ بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ.

ـ آسْرِيوتو ج آسْرِيوتَا: ذ.صفت. اميد جو اجايو، پروسو ڏيندڙ – ٽلهن دلاسن وارو. بناڪي. ڪوڙو. جرب زبان.

ـ آسْرُوْنْدُ ج آسْرُوْنْدَ: ذ. صفت. اميد وارو– آسائو. سڪندڙ "اڳڻ آسرونْد جي، پيرو ڪج پليرَ".

• آسْرِيوَنَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• آسَرُنْهَ، آسَرُنْهُنْ: ذ. [ع. اَلَة . اَلْ] لئي جو هڪ قسم – آسري لئو –آسرنهن لئو.

• آسرو ج آسرا: ذ. [پرا. آسيه؛ سن. آشْرَ = (آ = جوڌاري + شْري = وڻ) آسرو] آڌار – پروسو –ٽيڪ – سهارو – ڏَڻ. اميد –آس. دلاسو. اعتماد. اجهو – پناه ـ وسيلو.

ـ آسرو اَللهَ جو ڪَرِ: الله تورهار ڪرڻ – خدا حافظ ڪرڻ.

ـ آسرو پلڻ: اميد لاهڻ.

ـ آسرو ڏيڻ: دلاسو ڏيڻ – اميد ڏيڪارڻ.

ـ آسرو رکڻ: اميد رکڻ. پروسو ٻڌڻ.

ـ آسرو لاهڻ: اميد لاهڻ.

ـ آسري پلڻ: ٿ. نااميدي. مايوسي.

ـ آسري پل ڪرڻ: نا اميد ڪرڻ. نااميد ٿيڻ – آسرو لاهڻ.

ـ آسري جي جاءِ: ٿ. اميدگاه (جنهن ۾ اميد هجي).

ـ آسري ۾ رکڻ: اجايو دلاسو ڏيڻ. دوکي ۾ رکڻ.

ـ آسري ۾ رهڻ: اميد يا پروسي تي وهڻ.

• آسرِيُ ج آسرِيُوڻ: ٿ. [سن. ١. آشْرِيَ = ڪوپر اوپڙ (نباتات)؛ ٢. آتْ = مٿي + شْرُوَ - آسرڻ] ٻوٽي يا وڻ جو ڪوپر اوپڙ. جهنگ جي ٻوٽي. آسريُ لئو. اوپر – واڌ.

• آسريُ لئو: ذ. [ع. اَلْ] لئي جو هڪ قسم. وڏو لئو – آسرنهه لئو – سَنڌ جو سَرُ.

• آسرَيا، آسوَيا (ٿ): اسم خاص. مڱڻهارن جي هڪ ذات جو نالو.

• آسَڪْتُ ذ. صفت [سن. آسڪْت] آساهي. جهٽل. هٿل-راسخ. فدائي "عشق ۾ آسڪْتُ ٿي، اڄ دين درتي نهُ پير".

• آسڪْتا: ٿ. آساهه. پيوند. ساڻ. فدائيت.

• **آسڪنڊ**: ذ [سن. ۱. آشوَ = گهوڙو + گُنْدَ = بُوءِ؛ ۲. آشُو = سُنب يا ياڙ + فا. گنده > ڪُنْدَ = ٻَٽيل (ٻاڻ)] هڪ ٻوٽيءِ جي پاڙ (جا دواطور ڪم اچي) ـ پاڙ.

• **آسڪنڊ، آسڪُنڊ**: ذ آسڪُنڊ. ڦ "آسڪُنڊ اندر جا. منهنجا وهيو ويرُنْ ڪَنَ" (مولوي غلام محمد بگائي). هڪ ٻوٽو. ٻنين ۽ باغن ۾ ٿئي ۽ دوائن ۾ ڪم اچي.

• **آسمانَ** ج **آسمانَ**: ذ [فا. آس = جند + مان = جهڙو (جندوانگر ڦرندڙ اڳئين خيال موجب ته آسمان ڦرندڙ آهي)؛ سن. آس = آڄ، ٻاڻ + مان = جهڙو = ٻاڻ جهڙو اڇو] آپ ـ انبر ـ آڪاس ـ گگن ـ سماءَ ـ فلڪ.

ـ **آسمان ٽاڻ ڪرڻ**: تمام مٿانهين هنڌ تان ڪرڻ. مٿانهين درجي تان هيٺ لهڻ. اميرمان غريب ٿيڻ.

ـ **آسمانَ تان ڪريءِ ۾ اٽڪڻ**: وڏيءِ مصيبت مان ڇٽي اهڙيءِ ننڍيءِ مصيبت ۾ ڦاسڻ جنهن مان ڇٽڻ وڏيڪ مشڪل هجي.

ـ **آسمانَ تي اَڏامڻ**: مٿانهان خيال پڇاڻ غرور ڪرڻ ـ ڦوندجڻ. لاڏ زني ڪَرڻ ـ ٻڏاڪ هڻڻ.

ـ **آسمانَ تي پاڇو ڇڏڻ**: وڏي اوج ءِ مرتبي تي پهڇڻ. سخاوت ۽ نالو ڪڍڻ. ٻلاڙن کان ٻلاڙو ٿيڻ.

ـ **آسمانَ تي پهڇڻ، زَمڻ**: وڏي مرتبي تي رسڻ. ڪا وڏي حاصلات اوجتي ملڻ.

ـ **آسمانَ تي چاڙهڻ**: مٿي ڪرڻ ـ تمام مٿي ڪرڻ. حد کان زياده تعريف ڪَرڻ ـ ٻڏائڻ ـ لياقت کان وڌيڪ تعريف ڪرڻ.

ـ **آسمانَ تي قَدم رَکڻ**: وڏيون اميدون رکڻ. خيالي پُلاءُ پڇاڻ. تانءِ ۾ پرجڻ. مغرور ٿيڻ.

ـ **آسمانَ ٽُٽي پَوڻ**: آسمانُ ڪرڻ ـ ڪنهن مصيبت جو نازل ٿيڻ.

ـ **آسمانَ پيئُ**: ذ [ف.] پرڙهو آسمان (شاعرن جو آسمان کي ڏنل نالو).

• **آسمانَ جا چوڏا لاهيڻ**: وڏيون ٻناکون هڻڻ. ان ٽيٽيون ڳالهيون ڪرڻ. ناممڪن ڪم ڪري ڏيکارڻ جي هام هڻڻ.

ـ **آسمانَ جو تارو هُجڻ**: نايابَ يا اڻ لهه شيءِ هڻڻ.

ـ **آسمانَ ڏانڊ**: شورءِ هَل ڪرڻ. ٻناکون هڻڻ.

ـ **آسمانَ ڏي ڏُڪ اُڇلائڻ**: ٻاڻ کان ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ يا سينو ساهڻ. ٻاڻ کان وڏي جي مخالفت ڪرڻ. ڪنهن ڇڪي ماڻهوءِ تي اجايو الزام رکڻ (جنهن مان نڪي وري نڪي سري). نيڪ ماڻهوءِ سان بيڄڙو قدم کڻڻ.

ـ **آسمانَ زمين جا قلابا ملائڻ**: ڪنهن ڳالهه يا ڪنهن جي تعريف ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو ڪرڻ. گالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ. سر توڙ ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ زَمين جو فرق**: ذ. وڏو فرق ـ تمام گهڻو ڦير.

ـ **آسمانَ زَمين هڪ ڪرڻ**: ڪوشش جي انتها تي وڃڻ. حد تي وڃڻ. واويلا مچڻ.

ـ **آسمانَ زَمين هڪ ڪرڻ**: ڪنهن گالهه يا ڪم ۾ زيادتيءِ کان ڪم وٺڻ. حد کان زياده ڪوشش وٺڻ. ڏاڍي گوڙ ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ جهوڙِ گُسڻ، لڳڻ**: وڏي مرتبي تي هُجڻ. پاڻ کي سڀني کان مٿي سمجهڻ. فخريا مغروري ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ ڪُلهو هڻڻ**: ڪنهن اعليٰ مرتبي واري سان برابريءِ جو دعوٰ هڻڻ. وڏائي ڪرڻ.

ـ **آسمانَ سانْ گالهيُون هڻڻ**: نهايت بلند هجڻ ـ تمام مٿي هجڻ "جبل آسمان سان گالهيون پيو ڪري". سڪرات جو وقت اچڻ.

ـ **آسمانَ سانْ لاڙڻ**: حد کان وڌيڪ ساراهه ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ ـ مبالغو ڪَرڻ.

ـ **آسمان سان هٿو گُتائڻ**: حيثيت کان وڌيڪ هلت ڪرڻ. تانءِ سان هلڻ.

ـ **آسمانَ سر تي کڻڻ**: هَل ڪرڻ ـ شور مچائڻ.

ـ **آسمانَ ڦاٽي پَوڻ**: تمام گهڻيون مصيبتون نازل ٿيڻ.

ـ **آسمانَ کي اَڳڙيُون وهڻ**: خدائي مصيبتن کي جهلڻ. ڏڙا عيب لڪائڻ. اجائي ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ هانْ ڏازالاهڻ**: نه ٿيڻ جهڙو ڪم ڪرڻ ـ ناممڪن ڪم ڪَرڻ. ڪنهن وڏيءِ گالهه ۾ ڪامياب ٿيڻ. عجب ڪم ڪري ڏيکارڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اَکيُون اٽڪائڻ**: خدا جي رحمت جو اميدوار ٿيڻ. سندس رحمت ڏانهن منتظر رهڻ. خدا تعالیٰ کي ٻاڏائڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اَڇُڻِ ٽنگڻ**: مشڪل ڪم ڪرڻ. ڪنهنءِ تي رسڻ. سخت جالاکي ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ اُنڌڙا وڇائڻ**: اجائي ڪوشش وٺڻ ـ اجايو پاڻ پتوڙڻ. اٽڪيٽيون ڳالهيون ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ تَارِيُون هڻڻ**: اجايو ڪم ڪرڻ. بيسُود ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمانَ ۾ ڏُڪَ اُڇلائڻ**: بيوقوفيءِ جهڙو ڪم ڪرڻ (جو وري به آڏو اچي) ـ اهڙو ڪم ڪرڻ جنهن جو نتيجو وري به ڪم ڪندڙ تي پوي.

ـ **آسمانَ وريسمانَ**: آسمان ۽ نوڙي. اکبر جو مڪبر ـ انبي جو گهوٻاتو.

ـ **آسمانيَ** ج **آسمانيَ**: صفت. آسمان جو ـ آسمان وارو ـ سماوي. آسمان جهڙو ـ هلڪو نيرو (رنگ)، بهشتي.

ـ **آسمانيَ آفت**: ث. سماوي مصيبت ـ خدائي قهر. ازغيبي

مصيبت ـ اوچتي بلا.

ـ **آسمانيِ تيرُ**: ذ. ڪرندڙ تارو، اڃايو ڏُڪر.

ـ **آسمانيِ زبانَ**: ث. ملائڪن جي ٻولي. آسمانيِ ڪتابَ: ذ. آسمان تان لٿل (آيل) مذهبي پاڪ ڪتاب (توريت، انجيل، زبور، فرقان).

ـ **آسمانيِ ڪُڪرُ**: ذ. آسمان تان آيل رحمت ـ اَبر رحمت ـ خدا تعالىٰ جي (خاص) مهرباني، اوچتي مدد، وڏيءَ سخاوت جو مالڪ ـ ڏاتار.

ـ **آسمانيِ ڪلامُ**: ذ. خدائي ڪلام ـ الهام ـ آڪاس واڻي.

ـ **آسمانيِ گنگهه**: ذ. آسمان مر تارن جو ٻنو ـ آڪاش گنگا ـ ڪهڪشان.

ـ **آسمانه**: ذ. [ف] ڇت.

• **آسمانيِ**: ذ. [ف] رنگ جو هڪ قسم ـ نيلو رنگ. (ث) آتشبازيءَ جو هڪ قسم ـ هوائي.

• **آسنُ**: ذ. [سن. آسَنَ] وڻ جو هڪ قسم (جنهن تي پت ڪيئون پلندو آهي).

• **آسنُ** ج **آسنَ**: ذ. [سن] آسنَ.

• **آسندو** ج **آسنڊا (ڪ)**: ذ. وڻ جو هڪ قسم ـ آسانڊو.

• **آسنڊيُ**: ث. [سن. آ + شُنْي = سُنْدِ] سُنڊِ، پسارڪو ڪر جو هڪ قسم ـ ٻهڙ اڇو.

• **آسنگُ** ج **آسنگَ**: ذ. [سن. آ + سنگ] الفت ويجهڙائي، سنگ ـ صحبت.

• **آسوءُ** ج **آسوءَ**: ذ. [پرا. آسوَ؛ سن. آسنَ < آس = واهڻ] وهڻ جي جاءِ ـ ٻنڌڪ ـ گدي، پاڻاري ـ وهڪ، آستان ـ ماڳ ـ ٽڪيو ـ مڪان. فقيراڻو ٽڪيو ـ اوتارو ـ آستانو "ڪوڙئين ڪن سلام، اڇيو آسوَ ان جي" "آسوَ جن آريج مر تن جي وه جو وَرَ پيو" (شاه). وهڻي ـ ويهڻ جو نمونو ـ وهڪ ـ نشست ـ ٻنڌڪ. ڏڪان. پوڄا پاٺ لاءِ وهڻ جي ٽپڙي يا ننڍو غاليچو. وهت تي جمي ويهڻ جو ڍنگ. سَواريءَ جو ڍنگ. هاٿيءَ جي ڪُهلي تي پيلبان جي وهڻ جي جاءِ. جماع ڪرڻ جو هڪ نمونو (ڪوڪ شاستر مر چئيه). "آسوَ ڏنل آهن". جوڳين جي عبادتي ورزش جو نمونو (اهي نمونا پنجن ڪان ولي چوراسي ليکيا آهن، جن کي "يوگ آسوَ" چئبو آهي). بيڪ ـ خيرات (ث).

• **آسوءِ اُجوڙا**: بنا ڪنهن رٽ وارا، ٻي رٽائتا رهڻ وارا هنڌ ۽ ماڳ.

ـ **آسوءُ ٻڌڻ**: وهڻ جو نمونو اختيار ڪرڻ. پوڄا يا جوڳ ۾ رهڻ. ٻنهنجي جاءِ تي ٻئي رهڻ (گهوڙي تي) ـ جمي وهڻ.

ـ **آسوءُ جوڙڻ**: پلٽي مارڻ ـ پلٽي هڻڻ. سنجوڳي حالت ۾ وهڻ.

ـ **آسوءُ جمائڻ**: ٻنڌڪ ڪرڻ ـ ٻنهنجو ٽڪيو جمائڻ. گهوڙي تي جمي وهڻ. سواري ڪرڻ. جماع ڪرڻ.

ـ **آسوءُ ڳچائڻ**: ٻنڌڪ ڪرڻ. ڏرٽو ماري وهڻ. جمائي وهڻ. ترسن ـ ٽڪڻ.

ـ **آسوءُ ماري وهڻ**: پلٽي ماري وهڻ. جوڳين وانگر ڏرٽو ماري وهڻ.

ـ **آسوءُ هيٺ آهڻ**: تابعدار ٿيڻ. ٻيهر ٻوڙ.

• **آسڻي** ج **آسڻيون**: ث. [سن. آسَنَ < آس = ويهڻ] ننڍو غاليچو يا ٽپڙي (جنهن تي هندو عبادت لاءِ ويهن. ۽ زالون ويهي رڌ پچاءِ ڪن).

• **آسُ**: ذ. [سن. اَشْرَ] ڳوڙها ـ هنجُون ـ اَشڪ.

• **آسُ** ج **آسُو**: ذ. صفت [سن. آشا = اميد] اميد وارو ـ اميد پورو ـ اميد رکندڙ ـ آسائو. (اسر خاص) مرد (جو "آسو" مهيني ۾ جمي) جو نالو هڪ هندو شاعر جو نالو "آسو. آڪاڻي، جڳ مڙيوئي سپنو".

• **آسو**: ذ. سيتاءَ ـ ٻيهڪ، "آتڻ مر آسو ڏينديون ترت نقاش جو" (شاه عنات).

• **آسولو (ث)**: ذ. وڻ جو هڪ قسم (وڻ تي چڙهي. سڄو سال سائي رهي، اٽ ۽ پڪريءَ جو بهترين ڪاڏو آهي). پچولو (ث).

• **آسُوڙ**: ذ. [ف. آسُودَنْ = آرام ڪرڻ] آرام ـ آسائش ـ چين.

• **آسُودرو (ث)**: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڪنڊي يا ڪرنيٽ جهڙو) لَسِيِ ڪُنڊيءَ جو هڪ قسم ـ ننڍي ڪنڊي.

• **آسُودو** ج **آسُودا**: ذ. صفت [ف. آسُودَهْ] خوش. سُکيو ـ باآرام. ٻي اونو ـ خوشحال ـ پاڳيو. هوند وارو. غني ـ شاهوڪار ـ دولتمند.

ـ **آسُودائيِ** ج **آسُودائيون**: ث. سکيائي. دلجمعي. خوشحالي ـ شاهوڪاري ـ دولتمندي ـ هوند.

• **آسودگيِ**: ث. [ف] سکيو هجڻ واري حالت. خوشحالي. شاهوڪاري امن.

ـ **آسُودو ٿيڻ**: سکيو ٿيڻ. آرامي ٿيڻ. ٻي اونو ٿيڻ. خوشحال ٿيڻ. دولتمند ٿيڻ.

ـ **آسُودو هُئڻ**: سکيو هُئڻ. دولتمند هُئڻ. ٻي فڪر هُئڻ.

ـ **آسُودَهْ**: صفت. [ف] آسُودو.

ـ **آسُودَهْ حالُ**: ذ. صفت. آسُودو ـ فارغ البال.

• **آسوده حاليِ**: ث. خوشحالي ـ سکيائي.

ـ **آسُودَهْ خاطر دل**: ذ. صفت. آسُودو.

• **آسُوڪا**: ذ. صفت. [سن. آشوڪ = بي غم] ڏاڍو ڏاهپرو. بي غم ـ بي فڪر. (اسر خاص) پَڏ ڏرم جو هڪ وڏو راجا "اشوڪ".

• **آسها**: ذ. (ڏهسنامي جو لفظ) هڻ "جهڪا مرڳهه غزال الڪ آسها سهول نيل".

• **آسيُ** ج **آسيُون**: ث. صفت. [ف] مڙس جي ٻي زال ـ ٻهاج.

• **آسَيا**: ث. ذ. [ف] جند ـ جاندهه ـ چڪي.

ـ **آسيا آڻڻ**: ذ. صفت. جند آهوڙو.

ـ **آسَيابَ**: ث. ٻاٽيءَ جي چڪي ـ اَبي چڪي.

ـ آسپاسنگ: ذ. جندِ جو پڙ – جندِ جو پٽر.
ـ آسپاگر: ذ. صفت. جانداهي.
ـ آسپاڻ: ٿ. [ف] روهي. روهيءِ جو پٽر.
• آسپبُ ج آسپبہ: ذ.[ف] صدمو – ڏک. تڪليف. اهنج. دشمني – مخالفت. آفت – بلا. جن پوت – جنّ پري وغيره جو اثر. لڳت جو حساب. دپ – پڙ.
ـ آسپبُ پهچائڻ: ايذاءِ رسائڻ. ڏک پهچائڻ.
ـ آسپبُ ڏيڻ: صفت. جنّ جو ورتل – لڳت وارو.
• آسپي پاسي: ظرف. اردگرد – آسپاس. پر پر ـ ويجهو.
• آسپيرو ج آسپيرا: ظرف. [سن آسْپَر = هُن مٿي وٽيرهو – پاسي تي – پاسي – پري – ڏور. لفظ "پاسيرو" سان گڏ ڪم ايندڙ "آسپيرو پاسيرو". (ضد)پاسيروج پاسيرا.
ـ آسپيرو پاسيرو: ظرف. [سن.آسْپَر = هُن مٿي + پاسْپَر = پاسي تي] آڌ، ڪڏو – اڌ سڏو – ڏنگو ڪڏو.
ـ آسپيرو پاسيرو ٿيڻ: بُت کي وٽڻ سٽڻ ناز نخرو ڪرڻ. نٽ نٽاءُ ڪرڻ. ڪٽڻ سٽڻ.
• آسيس ج آسيسُون: ٿ. [سن. ١.آسِس = (آ+سا + سَس = حڪر هلائڻ)دعا. گهر. ٢.آشِش] دُعا. برڪ. راحت – خوشي. ڏيڻ. آٽڻ. سک – آرام.
ـ آسيسا: ٿ. آسيس.
ـ آسيس ڏيڻ: دُعا ڪرڻ. سُک ڏيڻ. دل کي تسڪين بخشڻ.
ـ آسيس ڪٽڻ: دُعا ڪٽڻ.
• آسيُ ڀلي: ٿ.[سن. آ + سْفار = آڤرڻ. آڦري – آلي ڀلي. ٽيڪ جي بيماري – بولهه. اوگر چوڻائي مال (خاص ڪري ڪرين) جي بيماريءِ جو هڪ قسم (جنهن ۾ شهر ٿي پوي).
• آسينگو ج آسينگا (ت): ذ. آسرو. خيال سهولت. آسانگو.
ـ آسينگو ڳولڻ: سهولت ڳولڻ – آسانگو ڳولڻ.
ـ آسيُوڙ: ذ. ٻيڙيءِ جي اڳيل وارو سامان اڳيل جو وڙ يا رسو (ٻڌڻ).
• آسيه: اسم خاص. [ع] فرعون جي زال (جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام کي پٽ ڪري پاليو هو)
• آش: ٿ. [ف: سن. آش = آڇ. رڌ] پٽڑي آڇ يا رَب (جا آسانيءِ سان پي سگهجي) – رَب – پڇ. رَس – شوروو.
ـ آش جوڙ: ٿ. جَوَن جي آش (جا بيمارن کي جو ڀڃي، رڌي ڏجي).
• آشخانو: ذ. بورچي خانو ـ رڌڻ.
ـ آشدارُ ج آشدارَ: ذ. آش رکڻ جو ٿانءُ.
ـ آشڪارَه: ذ. صفت. بورچي.
• آشا ج آشاؤن: ٿ. [سن] آسا – اميد – آسرو – آرزو – خواهش – تمنا.
ـ آشا پرائتہ: صفت. آسا پورَ ٻڌ.
• آشام: صفت. [ف. مصدر آشاميدَنْ = پيڻ] پياڪ (پٽڑي شي جو) ـ پيندڙ. اسر جي پٺيان اچي اسر فاعل جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ لفظ "خون آشام = رت پيندڙ. مي آشام = شراب پيندڙ".
• آشتي: ٿ. [ف] صفائي – اوٽَر. امن. صلح – ناهه. محبت "جنگ کان آهي. آشتي بهتر".
• آشُرمَ ج آشْرمَ: ذ. [پرا. آسْرَ' سن. آشْرَمَ] سائڻ. سنياسين جي رهڻ جي جاءِ ـ مڑهي – ڪُٽيا. برهمڻ جي جيوت جي هڪ منزل (چار آشرم آهن. ١. برهماچاريه = برهما جي پرچاجي خيال وارو. آديسي. صوفي. ويدانتي. خدائي طالب. ٢. گرهستي = گهر تڙ وارو جو جهان ۾ وهنوار ۾ ڪري. ٣. وان پڑست = ويدانتي علم جو طالب علم. ٤. سنياس = لاتعلقي يا تياڳ جي خيال وارو). خوشيءِ جي موقعي تي ناهيل جهوپڙي يا ڇنو. مدرسو – اسڪول. ڏرمي اسڪول يا اصول. وٽن جو جهڳٽو – جهنگ.
• آشُفتہ: صفت. [ف] پريشان – حيران. عاشق – چريو – ديوانو.
ـ آشُفتہ أحوال (حال): صفت. پريشان حال – خراب حال – بدحال – چريو. عاشق.
ـ آشُفتہ خاطر دل: صفت. آشُفتہ حال.
ـ آشُفتہ دماغ: ذ. صفت. دماغ ڦريل – متي ڦريل.
ـ آشُفتہ روز: ذ. صفت. بدحال. ڪمبخت.
ـ آشُفتہ سر: ذ. صفت. متي ڦريل – چريو. عاشق. پريشان.
ـ آشُفتہ سريُ: ٿ. بدحالي. پريشاني. چريائي.
ـ آشُفتہ عَقْل: ذ. صفت. مت اڪريل. مت ڪٽل.
ـ آشُفتہ ڪاڪُل: ذ. صفت. زُلف چڙيل – ڇتن ڇڙيل – چوٽي چڙهي.
ـ آشُفتَگي: ٿ. حيراني. پريشاني. چريائي. بدحالي.
ـ آشُفتہ مُو: ذ. صفت. ڇتن ڇڙيل – وارن ڇڙيل – زُلف پريشان.
• آشڪار: صفت. [ف] ظاهر – پڌرو – ڇتو – نروار – ڪليل.
ـ آشڪارا، آشڪاره: صفت. آشڪار.
ـ آشڪار ڪرڻ: مشهور ڪرڻ – ظاهر ڪرڻ.
ـ آشڪارگي: ٿ. اظهار – اعلان – پڌلسڻي.
• آشڪارا: اسر خاص. [ف] مشهور درويش شاعر سچل جو پارسي شعر ۾ تخلص.
• آشنا: ذ. صفت. [ف] دوست – يار. پانهو – غلام – مطيع. ناجائز

تعلق رکندڙ - ڏِڪڙ - چڱھوتو. واقف - سُجاڻو - جاڻو - جَاڻ سُجاڻ. ترندڙ - تارُو -شناور. مرکبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "صورت آشنا. وغيره".

- **آشنابَاز:** ذ. صفت. تارُو - ترندڙ.
- **آشنابَازِي:** ث. تَرڻ - شناوري.
- **آشنابِيزَار:** ذ. صفت. دوستن کان تهندڙ.
- **آشنَاپَرْسْت:** ذ. صفت. دوست نواز - دوست محبّ قدردان.
- **آشنَا وَبِيگَانَه:** ذ. صفت. پنهنجو ۽ پرايو (ڏاريون).
- **آشنَائِي** ج **آشنَائِيُوْن:** ث. واقفيت -سڃاڻپ - جاڻپ - سهيبو - جاڻ سُجاڻ. دوستي - ياري.
- **آشنَائِي ڪَرڻ:** واقفيت پيدا ڪرڻ. دوستي ڪرڻ.
- **آشُوْ** ج **آشُوْ:** ذ. صفت. [سن.آش > آشُو: فا آزُوْ] ابهرو (ڏ. آس جلدپوري ٿئي). تکڙو - تيز - زوُد.
- **آشوبْ:** ذ. [ف] گوڙ - شور - هُل -غوغا. فتنو - فساد. غبار (دل جو). اوبُر (اک جو). اوبارو (ڪني جو) -تهڪو - جوش. فڪر. خوف. آفت. تڪليف -پريشاني. اسر جي بنيان اڇي اسر فاعل ٺاهيندڙ لفظ "شهر آشوبْ. وغيره".
- **آشوبَ انگيز:** ذ. صفت. گوڙيلو. فسادي.
- **آشوبِ چَشْم:** ذ. اکين جو اوبُر. اکين جي ڳاڙهاڻ ۽ سوڄ.
- **آشوبِ حَالْ:** ذ.صفت. بدحال -آشفته حال - پريشان.
- **آشوب گُسْتَر:** ذ. صفت. فساد پکيڙيندڙ.
- **آشوب محشر:** ذ. هنگامو. قيامت.
- **آشيَان** ج **آشْيَانْ:** ذ. [ف] آشيانو. مرکبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "جنّت آشيان. خُلد آشيان".
- **آشيَانو** ج **آشْيَانَا:** ذ. [فا آشيانه] آکيرو - آهيرو. گهر. آستان - مڪان.
- **آشيَانو اُجهڙ ڪرڻ:** گهر برباد ڪرڻ.
- **آشِيرْواد:** ث. [سن. آشْ = آسيس + وَادَ > وَدْ = ڳالهائڻ] آسيس - دُعا. برڪت.
- **آصَفْ:** اسر خاص. [ع] حضرت سليمان عليه السلام جي وڏي وزير جو نالو (آصَفُ بن برخيا). نُورجهان جي پاڻ جو نالو. هڪ ايراني شاعر جو نالو.
- **آصَفْ جَاهْ:** اسر خاص. حيدرآباد دکن جي نواب جو لقب.
- **آصَفْ راءِ:** صفت. آصَف جهڙو دانا، - ڏاهو صلاحڪار.
- **آصَفِيَه:** ث. آصَف ڏانهن نسبت ڪيل. هڪ اردو لغت جو نالو (فَرهنگ آصَفِيَه).
- **آصَالْ:** ذ. [ع. اصيل ج آصَالْ] ٻُڌهريءَ کان شام تائين وقت.
- **آغَا** ج **آغَا:** ذ. [ترڪي] آقا - سائين - ڌڻي - مالڪ -آڳا. سردار - امير. وڏو پاڻ.
- **آغَا خَان:** اسر خاص. اسماعيلي خوجن جي پير جو لقب.
- **آغَا خَانِي:** صفت. خوجن جي پير (آغا خان) ڪي مڃيندڙ.
- **آغَازْ:** ذ.[ف] شروع - مُنڊ - اوّل - ابتدا. (انجام جو ضد)
- **آغْشُتَه:** ذ. [ف] آلو - پڳل. آلودو - ملهيل ميلاپ - هٽ.
- **آغوش:** ذ.[ف] جهولي - گود - هُنڊ. بغل - پاڪر. ٻڪ.
- **آغوش گرمْ ڪَرڻ:** ڪچ ڪوسي ڪرڻ. پاڪر پائي وهڻ.
- **آغوش ۾ سُمهڻ:** جهولي ۾ سمهڻ. ڪچ ۾ سُمهڻ - پاڪر ۾ سمهڻ - پاسي ۾ سمهڻ.
- **آغِيْلْ:** ث. [ف] ترجي. ٽيڏي (ڪاوڙ يا حقارت جي) نظر. شرميلي نظر. آڳيل.
- **آفَه:** ذ. [بلوچڪي] آب - پاڻي. [ف] آفتاب - سُج.
- **آفَا:** ذ. [سينگار شاعري جو لفظ] آف - آب - پاڻي.
- **آفَات:** ث. [ع. آفت ج آفات] آفتون. مصيبتون. تڪليفون.
- **آفَات:** [ف] آفت. آفتون
- **آفَات ارضي:** ث. زميني مصيبتون.
- **آفَات سماوي:** ث. آسماني مصيبتون - قدرتي حادثا.
- **آفَاقَ:** ذ. [ع. اُفقَ ج آفاق] پراهين ۽ پراهون گهيرو جتي زمين آسمان ملهيل نظر اچن - سَمْسمان - اُفق. زمين ۽ آسمان جا ڪنارا يا حدون. سارو جهان - دنيا - سنسار - جَڳ.
- **آفَاقَ بَنْدْ، ستان گير:** ذ. صفت. ساري دنيا جو فاتح - بادشاه.
- **آفَاقِو** ج **آفَاقَا:** ذ. صفت. [ع. اُفُقَ] اهو ماڻهو جو آفاق گهمي. اجايون ٻاڪون هٽي ۽ ڪوڙ ڳالهائي. بکواتي. دريده دهن - وات ڦاٽوڙ.
- **آفَاقِي** ج **آفَاقِيْ:** ذ. صفت. [ع] جهان گهمندڙ - سيلاني - سياح. مڪي کان ٻئي ملڪ ڏي ويندڙ يا ٻئي ملڪ کان مڪي ڏانهن ويندڙ.
- **آفَتَ** ج **آفَتُوْن:** ث. [ع. آفَت: سن. آپَدْ] مصيبت - آپدا - بلا. حادثو. ظلم - قهر. سختي. بيماري. ڏڪار. (صفت) چالاڪ. ذهين. شرير - لنڊ.
- **آفَتَ اُجهڙ:** مصيبت اچڻ. ڏڪر پوڻ.
- **آفَتِ آرضِي:** ث. زمين مان پيدا ٿيندڙ آفت.
- **آفَت بَرپَا ڪَرڻ:** مصيبت پيدا ڪرڻ. ٽرٽلر مچائڻ.
- **آفَت ٽَارَنْ:** مصيبت دور ڪرڻ.

– **آفَتِ جان:** ٿ. جان جي بلا. جان جو روڳ. معشوق – دلبر.
– **آفَتِ جو پرڪالو:** ذ. آفت جو ٽڪرو – غضب جو پُتلو. فتنو انگيز.
– **آفَتِ دِينُ:** ذ. دين لاءِ مصيبت. (مجازاً) محبوب – معشوق.
– **آفَتِ رَسِيدَه:** صفت. مصيبت جو ماريل – ڏتريل.
– **آفتِ روزگار:** صفت. شوخ – شرير. معشوق. فسادي – فتنو انگيز.
– **آفَتِ زَدَه:** صفت. مصيبت جو ماريل – زماني جو ستايل. نياڳو.
– **آفَتِ سَماوِي:** ٿ. آسماني آفت. ڏٺيءِ جي طرفان آيل مصيبت – الاهي آفت – خدائي قهر.
– **آفَتِ سَماوِي اَڇِهُ:** سخت مينهن. ٻوڏ. ماکڙ. پليگ. وبا. ڏڪار وغيره نازل ٿيڻ.
• **آفَتُ مَڇائي ڏِيُ:** ظلم ۽ ستم برپا ڪرڻ. آفت ناگهاني: ٿ. اوچتي مصيبت.
• **آفتابُ ج آفتابَه:** ذ. [ف] سج سورج – شمس – خورشيد – آدِتَ. سجَ جي روشني – اُس ـ تڑڪو (مجازاً) گرم. شراب. معشوق.
ـ **آفتابِ اِقبال:** ذ. بخت جو سج – روشن بلندي.
ـ **آفتابِ پرَسْتُ:** ذ. صفت. سجَ جي پوڄا ڪندڙ. سُورج مکي گل. ساندو.
ـ **آفتابِ پرَسْتِي:** ٿ. سج جي پوڄا.
ـ **آفتاب جمال:** صفت. خوبصورت – حسين.
ـ **آفتاب رُخ، رُو:** صفت. جنهن جو منهن سج جهڙو روشن هجي.
ـ **آفتابِ جَبِين:** صفت. جنهن جي پيشاني سج جهڙي روشن هجي.
ـ **آفتابِ زَدَه:** صفت. جنهن کي گرميءِ جي چپيٽ لڳي هجي.
ـ **آفتاب زَرد:** ذ. سج لهڻ جو وقت. شفق.
• **آفتاب عالمتاب:** ذ. صفت. [ف. دنيا کي روشن ڪندڙ سج] وڏو مشهور معروف.
ـ **آفتابِ عِوار:** ذ. صفت. سوير اٿندڙ.
ـ **آفتابِ گاه:** ذ. جتي سج جو تڑڪو هجي.
ـ **آفتابِ گردان:** ذ. اُس ڪان بجاءِ لاءِ تنبو.
ـ **آفتابِ گِيرِ:** ٿ. ڇتي.
ـ **آفتابِ مَحْشَرُ:** ذ. قيامت جي ڏينهن جو سج. (مجازاً) تمام گرمي. حسن واري زال (جنهن جو منهن سج وانگر چمڪي) ـ معشوق.
ـ **آفتابِي:** صفت. آفتاب جو – آفتاب وارو – شمسي.
ـ **آفتابِي رَنگ:** ذ. سج جهڙو رنگ. گهاتو ٻاڙهو – پيلو.
ـ **آفتابِي گلڏَنڊ:** ذ. اُس جو تيارڪيل گلدند.
• **آفتابه ج آفتابا:** ذ. آفتابه.
• **آفتابَه:** ذ. [ف] آفتابو – ڪونرو – لوٽو – بدنو.
ـ **آفتابچِي:** ذ. ڪونرو ڪندڙ خادم.
• **آفتابِيُ ج آفتابِيُون:** ٿ. [ف] ڇتي (آفتاب جهڙي گول). (سون جڙيل) ڀال آتشبازيءِ جو هڪ قسم.
• **آفرج آفرُوُن:** ٿ. [انگ. Offer] آڇ. واڪ.
• **آفرِيد گار:** ذ. صفت. [ف. آفريد < آفريدَنُ = پيدا ڪرڻ + گار] پيدا ڪندڙ – خلقيندڙ – خلقڻهار – خدا تعالىٰ.
• **آفريده:** صفت. [ف] پيدا ڪيل – خلقيل مخلوق.
• **آفرِيدِي:** اسر خاص. سرحد تي آباد ٽيل پٺاڻن جي هڪ قوم جو نالو.
• **آفرِيقه، آفريكا:** اسر خاص. [ع. اِفْرِيقه] هڪ ڪنڊ جو نالو.
ـ **آفريقي، آفريكي:** ذ. صفت. آفريڪا ڪنڊ جو رهاڪو.
• **آفرِين:** ذ. صفت. [ف. آفريدن = خلقڻ] پيدا ڪندڙ – خلقيندڙ – اُپائيندڙ "جهان آفرين، سخن آفرين".
ـ **آفرِينش:** ٿ. پيدائش – خلقت – دنيا – عالم.
• **آفرِين ج آفرِينُون:** ٿ. [ف] شاباش – جَس ـ واه واه ـ تحسين – داد.
ـ **آفرِينَ ڏِيڻُ:** شاباش چوڻ. تحسين ڏيڻ – جَس ڏيڻ.
ـ **آفرِين نامو ج آفرِين نامَا:** ذ. شاباش جو پروانو. سرڪاري خدمتن جي قبوليت جو پروانو.
• **آفَنْدِي:** ذ. [ترڪي] (تعظيم جو) خطاب – جناب – حضور. مالڪ – آقا.
• **آفُوس:** ذ. [پورچوگيز. آلفنسو] انب جو هڪ قسم.
• **آفِيس ج آفِيسُون:** ٿ. [انگ. Office] سرڪاري ڪم (لکپڙهه) ڪرڻ جي جاءِ ـ دفتر.
ـ **آفِيسَرُ ج آفِيسَرَ:** ذ. صفت. آفيس وارو. بالادست عملدار – عملدار – ڪامورو.
• **آفِيمُ ج آفِيمَ:** ذ. [سن. اَهْفِيَمَ، آفِينَمُ. (اَهِ. = نانگ + فِين = گجي) آفيم. جهڳ يا گجيءِ وانگر نڪرندو آهي] ع. ف. اَفْيُون. انگ. اوپيم Opium] ڏوڏيءِ جو رَس – ڏوڏيءِ جو ڳاڙ – اَمَلُ.
• **آفِيمِي ج آفِيمِي:** ذ. صفت آفيم ڪائيندڙ – آفيم واپرائيندڙ – املي. نشئي.
• **آڪَرُ:** ٿ. پيٽ جي ڦوڪ (گهٽي ڪائڻ سبب يا بادي سبب) – آڦريُ – پرتي. بدهاضمو. بادي. سيٽ – ڦوڪ آڪَرُ هڻ. تڪبّر. ڪاوڙ.
• **آڪَرُ:** مصدر. [سن. ١. اَسْفَار = (آ = چڳيءِ طرح + سْفَارْ = سَجي پوڻ < ڦَرُ = پرجڻ، ڦوڪجڻ)؛ ٢. آ+ سفَايَ = سُجڻ، وڏي پوڻ] گهٽي ڪائڻ ڪري پيٽ جو ڦوڪجڻ – پرجڻ. بمجڻ – سُجڻ. بادي ٿيڻ. بدهاضمو ٿيڻ – پرتي ٿيڻ. پيٽ تي بار ٿيڻ. ڏونري. ڏڏ. وغيره جو گرميءِ سبب اَڪرڻ. مغرور ٿيڻ – ڦوندجڻ. (آڪريو – آڪرندو – آڪريل).

• **آڪرائڻ:** 'آڪرڻ' مصدرمان فعل متعدي بالواسطه. ڇڳي،طرح ڏيڻ ڪرائڻ.

• **آڪرجڻ:** 'آڪرڻ' مصدر مان فعل مجهول. گهٽي ڪائڻ سبب پيٽ ڦوڪجڻ – بمجڻ – سُجڻ – پرجڻ. بدهاضمو ٿيڻ – پرتي ٿيڻ. بادي ٿيڻ. ڏوڙي جي ڏڪن جو گرمي، سبب پورو ٿي متي چڙهڻ – آڪرڪڻ. وڌائي، ۾ پرجڻ – سيتجڻ – ڦوندجڻ – مغرور ٿيڻ.

ـ **آڪرجي ويڻ:** گهٽي ڪائڻ سبب پرجي ٻوڙ – بمجي ٻوڙ.

ـ **آڪرلاهڻ:** هٽ پجڻ – سيت لاهڻ – آڪڙ لاهڻ. سزا ڏيڻ.

ـ **آڪريُ:** ث. پيٽ جي ڦُوڪ – پرتي. بدهاضمو. سيت – وڌائي.

ـ **آڪريُ لاهڻ:** سيت لاهڻ – آڪڙ پجڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **آڪڙ:** صفت. [سن. ڦو=اجائي ڪواس] ڏڏ – ڪُند ذهن – ٺُڪ – مَڏ – اَڦڙ.

• **آڪڙندجڻ:** فعل مجهول. [سن. آ + ڪُنْدِ = موڪرو ٿيڻ] وڌائي، ۾ پرجي وڃڻ – ڦوندجڻ. چرچو مسخري ڪرڻ.

• **آڪا** ج **آڪائ:** ذ. [ترڪي] سردار – اُمير. بزرگ. سائين. مالڪ. آغا. آڪا. حاڪر.

• **آڪاءِ ناميدار:** ذ. اسم خاص. حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.

• **آڪيُ باقيُ:** ظرف. [آڪي + ع. باقي] رهيو ڪهيو – بچيو سچيو. هائي ڏائي – ويتر – هيڪاري.

• **آڪ** ج **آڪوڻ:** ث. [سن. اَنْڪ] زنجيري، جهڙي پرت جو هڪ نمونو – اَنْڪ. انگ يا بدن چيلهه يا هنج پاسو. انگ. ٻڙيُ. ٻاڦ، جي گڻ يا ڪسي (ٿ).

• **آڪ** ج **آڪ:** ذ. [سن. اَنْڪ = انگ. نشان] نشان ڪيڙي يا ٻئي سامان تي نشان ٽپو – ڇاپو (سُجاڻپ لاءِ). جانور تي ڏنب جو نشان – داغ. اوڪارو. صفت. [ع. عَاق = بي جيو] بي جيو. احمق – نادان – جاهل. نفرت جهڙو – آڪو.

ـ **آڪ ٻڏو:** صفت. ٽپي يا مُهرلڳل (يعني ٻڏو سودو) ـ شئ جو شيءِ.

• **آڪار:** ث. هائوڪار – اقرار. مال ڪي 'آ آ' وارو ٻڌ.

• **آڪار** ج **آڪارَ:** ذ. [سن. آڪار] صورت – شڪل – روپ. ڏول. اشارو – نشان. اُپڙڪو. گهوڙن جي بيماريءِ جو هڪ قسم – آڪ جي وڻ سان ڪنهن سبب گهوڙي ڪي ٽيل ڦُٽڻ.

• **آڪارجڻ:** فعل مجهول. [سن. آرڪ = آڪ] جويائي مال يا گهوڙي جي جمڙيءِ ڪي اڪ جي ڪيرلڳڻ ڪري زخم ٿي پوڻ.

• **آڪاڙ:** مصدر. ڇڏڻ. ڇاڻي صاف ڪرڻ – آڇاڙڻ. ٽاڻڻ. (آڪاريو – آڪارينڊو – آڪاريل).

• **آڪاروَ** ج **آڪارا:** ذ. [سن. آرڪ = آڪ + آرو = وارو] آڪ جي وڻ جا تانڊورا (جي آڪ جي ڪائين مٿان ڪيڙن). ڪوڙو ريشم. آڪ جي تانڊورن مان ٺهيل ڪپڙو. آڪ جي تانڊورن مان ٺهيل واڄهه يا رسو "هڪ چرڪ سان چوڙي، ٻنڌڻ" چني چڏايم. ڪاٻار ۽ آڪارن توڙي سڀي سڃاتو" (آسرداس). پليڪار – ڪيڪار – آڏر پاءِ – مرحبا.

• **آڪاسَ** ج **آڪاش:** ذ. [پرا. آڳاس: سن. آڪاش (آ = چئني طرفن کان + ڪاشْ = چمڪڻ) چوڌاري چمڪندڙ] زمين ۽ آسمان جي وچ وارو پولار – خلا – آسمان "ڪنول باڙون پاتال ۾، پوئر پري آڪاسَ" (شاهه) – آپ.

ـ **آڪاس آڳَنُ گولو:** ذ. برندڙ تارو – ڪرندڙ تارو – شهاب ثاقب.

ـ **آڪاس برڙتُ:** ذ. آسماني روزيُ – ازغيبي رزق – هوائي روزي.

ـ **آڪاس برڙتي:** ذ. صفت جيڪو آسماني (هوائي) رزق تي هلي.

ـ **آڪاس بيلُ:** ث. وڻن تي چڙهندڙ ول – وڻ ويڑهي – بي ٻاڙيُ ول.

ـ **آڪاس ٻاڻيُ:** ث. آسماني آواز – هاتفي آواز – آڪاس واڻيُ.

ـ **آڪاس پوڙَ:** ث. آڪاس بيلُ.

ـ **آڪاس ڏيو:** ذ. اُهو ڏيو جو هندوُ ڪتيءِ جي مهيني ۾ ڏياريءِ جي موقعي تي بانس جي وڏيءِ لڙهيءِ جي چوٽيءِ ۾ ٻڌي ٻاريندا آهن.

ـ **آڪاس ڦُلُ:** ذ. اولاد.

ـ **آڪاس گريهَ:** ذ. زمين آسمان جي گڏجڻ وارو هنڌ. اُفق – حد نگاه ـ سَمْشان.

ـ **آڪاس گُنگا:** ث. آسماني گيهو – آڪاس ندي – ڪهڪشان.

ـ **آڪاس گولو:** ذ. آسمان. آسماني نڪٽ. تارو. گرهه.

ـ **آڪاس هنڊولُ:** ذ. سج. چند ۽ تارن جو ميڙ – نظام شمسي.

ـ **آڪاس ندي:** ث. آسماني گيهو – ڪيرڌارا – ڪهڪشان.

ـ **آڪاس ٻُرواڙ:** ذ. آسماني جسمن جو علم ـ علم هيئت – ڪچرل وديا.

ـ **آڪاس واڻيُ:** ث. ٿ آڪاس ٻاڻي. غيبي آواز الهام. آسماني ڪتابَ.

• **آڪاس ولو:** ث. بي ٻاڙي ول.

ـ **آڪاس يُوڄَنُ:** ذ. آسماني جسمن جي ڏسڻ لاءِ جاءِ ـ رصد گاهه.

ـ **آڪاسيُ** ج **آڪاسي:** ذ. صفت. آسماني.

ـ **آڪاسيُ ڪڪرَ:** ذ. ڏاڙيءِ جي ٻاجهه – الاهي رحمت.

ـ **آڪاسي وڙٽُ:** ذ. آڪاس برٽ – هوائي رزق – الستي روز (جنهن تي پروسو نه هجي).

• **آڪاسيو (ٿ.ڪ):** ذ. [سن. آڪاش واڀ] باراڻيءِ راند جو هڪ قسم – پٽنَ يا جبلن تي ڊوڙ ڊڪ جي راند. جبل يا پٽ تي ڪنهل جهنڊي (ور وڪڙ واريءِ وات جي سڃاڻپ لاءِ ـ هائيُ (ڪ).

• **آڪاش:** ذ. [سن] ڏسو "آڪاس"

• **آڪاھ ج آڪاھيُون:** ث [سن.اوڪس = گھر: يوناني. اوئي ڪاس] آڪھ – ڪُٽنب – ڪُٽمر – ڪھول.

• **آڪاھي آڪاھيو:** ذ. صفت.آڪھ وارو – عيالي – اولادي. وڏو ڀجڙوال. وڏي آڪھ مان – خاندائي.

• **آڪٽ ج آڪٽَ:** ذ.[انگ. Act] قانوني مجلس جو منظور ڪيل قاعدو. محصول – ناڪو.

• **آڪٽراءِ:** ذ. [انگ. Octroi] نشيدار شين جو محصول. محصول – چونگي.

• **آڪٽوبَر:** ذ.[انگ October] انگريزي سال جي ڏھين مهيني جو نالو.

• **آڪٽو:** صفت. ڪنو – گڏ ٽيل.

• **آڪڙ:** ث. [سن.آڪريُ = پَرڻ] ڍير – ڍڳ – انبار. خزانو. سرجشمو – ٽڪرڻ جي جاءِ (ڪنهن درياءَ وغيره جي). ڪاڻ. انبوه – ميڙ (ماڻهن جو) – اجتماع – مجموعو. جمع بندي. پرڻ جي حالت – پَرب. مُلهه جو جاڙھ – مهانگائي – اڳھ جي تيزي – چڑھت – آڪرائي. پاڻيءَ جي ڪپر تان اٽل شينهن يا ڪُھڑ وغيره جي ڏَر.

• **آڪڙ آڪُر:** صفت. [سن. آ = نہ + ڪريُ = خريد ڪرڻ] مهانگو – گران – آڪرو – تيز (اڳھ ۾). [سن.آڪريُ = پرڻ] تمام جھجھو – بي انداز – گھٽو. پريل. تمام سٹو – بهترين – اُجو.

• **آڪڙ ڏاڪر:** ث. خوفناڪ آواز. دڙڪو دھمان. ٻج.

• **آڪڙ ڪڙھو:** ذ. پساريڪي وڪرجو ھڪ قسم – عاقر فرحو.

• **آڪڙم:** ث.[سن] غلبو. ڪاھ – حملو – جَلھ. چانڀجي وڃڻ جي حالت. فوقيت – برتري. گھٽو بار. طاقت – سگھ – زور.

• **آڪڙاھڪ:** ذ. صفت حملي آور – ڪاھ ڪندڙ. غالب پرندڙ. سگھارو.

• **آڪڙمي ج آڪڙمي:** ذ.صفت. حملہ آور. غالب. زوراور. ڏاڍو.

• **آڪڙڻ:** مصدر. هيٺ ڪري ٻوڙڻ. آڻڻ – آڪڙڻ – آڪڙڻ – آھڙڻ – ٽاپڙڻ. (آڪريو – آڪريو – آڪريل).

• **آڪرڻ:** مصدر. ڪڙيا ڪٽي ايرٽيڻ – ٻيھڻ "عقل ات نہ آڪري، ويو سيوئي جاڻ" (لطف قادري). (آڪريو – آڪرندو – آڪريل).

• **آڪرو ج آڪرا:** ذ. صفت. [سن.آڪرَا < آ + ڪريُ = اڻ ڪَڍل. جنهن اڳھ ۾ اڃي ڪنهن به نہ ورتو هجي] مهانگو – گران – تيز. وڏي اڳھ وارو. ڳرو – ياري. قيمتي. [سن. آڪُلَ] ڪَھرو – شوخ – مغرور – هٺيلو. ڪاوڙيل. بي جيو. ضدي. تکو – تيز. طاقتور – زبردست. وڏائيءَ وارو. [سن. اگرڪ] اڳرائي ڪندڙ – حملي آور. اُتامرو – اُبھرو – جلد باز. چڑھتو. غالب – حاوي. گھٽو – جھجھو – بي حد"ترھو تنين بار. عشق جنين کي آڪرو" (شاھ). ڳوڙھو – گھاٽو. [سن.آڪَر = ڍڳ. خزانو. ڪاڻ] ڏَني پريل – مُنهن تار پريل – پَر. بار ۽ ڏيبل. (ث) آڪري ج آڪريُون.

• **آڪرائِڻ ج آڪرائِيڻ:** ث.ف اڳھ جي چڑھت – تيزي – مهانگائي – گرائي. مغروري – هٺ – وڏائي.

• **آڪرو ٿيڻ:** مهانگو ٿيڻ – گران ٿيڻ. ڪاوڙجڻ. گرم ٿيڻ. بي لحاظ ٿيڻ. بي پرواھ ٿيڻ. ضد تان نہ لھڻ.

• **آڪرو ٻوڙ:** ڪاوڙجڻ. حملي لاءِ ويجھو ٻوڙ. پنهنجيءَ تان نہ لھڻ.

• **آڪري:** مهانگي. ڳري. وڏي قيمتي.

• **آڪَڻ:** ث. اڪن جي وڻن سان چانيل ايراضي "آڪڻ انب آمريون. جت پون ماکون مينهن" (قطب شاھ).

• **آڪڻ:** ذ. وڻ جو قسم جنهن کي اٺ ڪائي "ايئن آڪڻ وڻ جي، تنهن توڏي کي تات" (قطب شاھ)

• **آڪڻ ڀاري:** ث. سيت ڦوڪ – ڦوڪ. شوڪ. وڏائي. تاءِ.

• **آڪڻي ھلڻ:** سيتجي ھلڻ – وڏائي ۾ ھلڻ – مغروري سان ھلڻ.

• **آڪڻ:** مصدر. [سن. ١. آ + ڪرِيُ = پَرڻ؛ ٢. آڪَدّ = (آ = چڱيءَ طرح + ڪَدّ = سڪت) زور سان پريل] آڪڙ ڪَرڻ – سيتجڻ. وڏائي ڪرڻ – مغروري ڪرڻ. (آڪڙيو – آڪڙندو – آڪڙيل).

• **آڪڻ:** ث. سيڻ – ڦوڪ – ڦوڙ. وڏائي. غرور – فخر – گھمنڊ. تند – تان، تڪبّر. ڪاوڙ – غصو.

• **آڪڻائِڻ:** 'آڪڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ڪاوڙائِڻ. مار ڏيڻ. آڪيڙي يا وڪڙ ۾ قاسائڻ – آڪيڙ ڏيڻ.

• **آڪڻيارُ ج آڪڻيازَ:** ذ. صفت. وڏائي ڪندڙ. هٺيلو – مغرور.

• **آڪڻيُڻ:** 'آڪڻ' مصدر مان فعل مجهول سيتجڻ – ڦوڪجڻ. آڪڙ ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. تند ڪرڻ. ڪاوڙجڻ. (آڪڙيو – آڪڙيو – آڪڙيل).

• **آڪڻ خان:** ذ. صفت. آڪڙ ڪندڙ – سيت رکندڙ. ترڙو – سفلو.

• **آڪڻ ڪَرڻ:** وڏائي ڪرڻ. سٽ ڪرڻ ڦوندجڻ: ـ آڪڙجڻ.

• **آڪڻ مُنهن:** ذ. صفت. آڪڙ ۾ پريل – ڦوڪيل هٺيلو – متڪبّر. ڪاوڙيل. سُوندِ مُنهون.

• **آڪڻيو گھمَڻ:** سيتيو گھمڻ – ڦوڪيو وڃڻ. ڪاوڙيل هٺ. مغروريءَ سان هلڻ.

• **آڪڻ:** مصدر. [سن. آڪرَش = لڳ مُڙڻ] سوُر يا ٽڪ سبب بدن وٺجي پوڻ. ڪڙجڻ. سيتجڻ – آماسجڻ ـ. ڦٽ ڦرڙي سبب ماس جو سُجڻ. اُيذاءَ ٿيڻ. آڪڙڻ. ڏکو ڪائي ڪرڻ – ٻاھڙڻ. ترڪڻ ڪرڻ. جوياتي مال (اُٺ ڪري، وغيره) جو ڪنڌ ڏگھاري وڻ چَرڻ يا نرا ڪٽي (ڪ). آڪڙيو – آڪڙندو – آڪڙيل].

ـ **آکڙ آکڙ**: مذ. ڦڙڻ يا ڦٽ سبب بدن ۾ تيل سيت يا سُور - آکيڙ. سوج - آماس. سُور - ايذاءَ. اُٺ بکريءَ وغيره جي ڏڪ ڇڙڻ وقت بيهڪ يا ڪنڌ ڏکيڙ جي حالت (ڪ).

ـ **آکڙڻ**: آکڙڻ مصدر مان فعل مجهول ڦٽ يا ڦڙڻ ۾ سُور ٿيڻ. سُور سان برهڻ ڳيڙڻ يا ڦاٽڻ. سڌ ڪڙهي پوڻ. بدن سيڪڙجڻ.

ـ **آکڙ ڪڍڻ** (ڪ): بکريءَ جو ڏڪ ڇڙڻ لاءِ اڳيون ٽنگون اُپيون ڪرڻ. نرا ڪنڌ اُڀو ڏيڻ. مهاڏو انڪائڻ.

• **آکڙو ج آکڙا**: مذ. [سن. آڪ - انگڙو نشان] نشان. ليڀ. داخلا - نُوٽ. حساب ڪتاب - ليکو ڏڻ يا دريءَ جو ڪُنڊيو. (ٿ) آکڙي ج آکڙيُون.

• **آکڙڻ** (ٿ): ٿ. ڪوشش - سعيو.

• **آڪسفرڊ**: اسم خاص. [انگ Oxford] انگلنڊ جو هڪ مشهور شهر (جتي مشهور "آڪسفورڊ يونيورسٽي" آهي).

• **آڪسيجن**: ٿ. [انگ Oxygen] هڪ گيس جو نالو.

• **آڪُلتا**: ٿ. [سن] مُونجهه - پريشاني. ميڙي چوندي.

• **آکلو ج آکلا**: ذ. صفت اڳرائي ڪندڙ. اڳامرو - اڀهرو. ٽڪو - تيز. جيڙاڪ.

• **آڪڙ ج آڪڙيُون** (ڪ): ٿ. [سن. اَنْڪ. اَنْڪَنَ] ڪليءَ جي مُنهن کي ٻڌي ڪڍڻ جي رَسي.

• **آڪڻ**: مصدر. [سَن. آپڪْتِ =ڪجائي] خراب ٿيڻ - ڪنو ٿيڻ. ڪنو ٿيڻ (کير وغيره). باس ڪرڻ. بي سواد ٿيڻ. جوپائي مال جي منهن کي اُڪ جي ڪير لڳڻ ڪري زخم ٿيڻ. [سن. آنْڪ= نشان] نشان ڪرڻ - نيو هڻڻ - آنڪڻ. ڏيان سان ٻڌڻ - ڪن ڏيڻ. (آڪيو - آڪيندو - آڪيل).

• **آڪر ج آڪا**: صفت. [پرا.آڪو، سن.آ =نه + پَكْتَ = پڪو] اڻ پڪل - ڪچو - خام. ڦيلو - اَنڪو (مني ۽ جو ٽائي) "آکي جا احوال. معلوم ٿيا مهراڻ ۾" (شاه). ڦٽيل (کير) ـ کنو ٿيل - سواد ڦريل - بدبودار. اڻ وٺندڙ - خراب. [ع. عاق] نافرمان - بي چيو. فسادي - باغي - ڦريل.

ـ **آکو ٿيڻ**: بيسواد ٿيڻ (کير) - کنو ٿيڻ. ڦٽي پوڻ.

• **آکوڙ ج آکوڙُن**: ٿ. خام خيال. ڳڻتي. سوداءَ.

• **آکوڻ**: مصدر. ڪاڙهڻ. ٽهڪائڻ - اوبارڻ. گرم ڪرڻ "عادت ناهن آس جي، آست آکوڑي ٻين" (شاه عنات). (آکوريو - آکورينڊو - آکوريل).

• **آکونڊو ج آکونڊا** (ڪ): ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم - جابلو ٻوٽ جو هڪ قسم.

• **آکهه ج آکهيُون**: ٿ. [سن.اوكْس- گهر] ڪُٽنب - ڪُٽمر. گهر. ٻار ٻچا - پاڻي. خاندان - گهراڻو - نَسل.

• **آکهڙ**: صفت. [سن.آ = نہ + ڪٿ = بيان ڪرڻ] جو بڌائڻ جهڙو نہ هجي - بي بيان - آکهه.

• **آکيڙو،آکيڙو ج آکيڙا**: ذ.[سن. ١. آ = چڱيءَ طرح + كِيلْ = بڌڻ. مضبوط ڪرڻ. ڪلو هڻڻ ٢. آكُنْچ = وَكڙ. آکيڙو] وَكڙ - پيچ - وراکو. سخت وَكڙ - زور پريو وڃ - اِشڪنجو. جنڊ جي مڪڙيءَ کي جهليندڙ سٽيءَ جو ڏاڳو. رسي کي وَٽ ڏيڻ لاءِ ڪاٺيءَ ٽڪر. ڏهل جي رسين کي ڪشڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪر.

ـ **آکيڙا ڀاڙهڻ**: جنڊ جي مڪڙين ۾ ڏاڳا وجهي. وکڙ ڏيئي جنڊ جي پڙ کي مٿيرو ڪري هلڪو ڪرڻ. وَكڙ ڀاڙهڻ - سختي ڏيڻ. جنّ ڪيڻ لاءِ ماڻهوءَ کي آڳرين ۾ ڪاٽيون وجهي ايذاءَ لاءِ زور ڏيڻ.

• **آکيڙي ج آکيڙيُون** (ڪ): ٿ. مذ آکيڙ (ڪ).

• **آک**: ٿ. [سن.آكْيَانَ = چوٿي] آڳيا - حڪم - امَر. گفتار - چوٿي.آڄ "عمر ڪريو آک، پهريو تي پن چران" (شاه).

ـ **آک ڪرڻ**: حُڪم ڪرڻ - آڳيا ڪرڻ. چَوڻ - آکڻ.

• **آک ڪڍڻ**: فخر ڪرڻ - وڏائي ڪرڻ "عمر ڪريو آک، پهريو تي پنڇ چران" (شاه).

• **آک ج آکُون**: ٿ.[سن.آكْشوتَ] اکوٽ - آکوٽ "آکون واکون سر ڪنڊ شاخون، جن چوڪا چندن ڪونر" (شاه). ڪوس جي منهن وارو پاسو (ٿ).

• **آکاڻي ج آکاڻيُون**: ٿ. ويساک مهيني جي ٽين تاريخ - اڪن وڃهڻ جي ٽين تاريخ - اڪن جو ڏڻ - اڪٽيَج. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن. ٻيُن يا سڳون پڇڻ جي موقعي تي وَٽ ڏيڻ وٺڻ جي رسم ۽ خوشي "ڪندس دُٹ ڏيهه ۾ ميڙي اباڻن ساڻ آکاڻي" (ميرو خان لغاري).

• **آکارو ج آکارا**: ذ. [سن. آچَادَ] ڪنين جي ٽيڙ - اُپي ٽيڙ (خاص ڪري مور، ڪبوتر ۽ ٻين پکين جي پڇ وارن ڪنين جي). ڏوتل ڪپڙن جو ڦهلاءُ (سُڪڻ لاءِ). ڪار. رڌل ڪپڙن جو ڍير.

ـ **آکارو ڪرڻ**: ڪنب ٽيڙڻ (مور جو) - ڪنب کولڻ (پکي ڪنب کولي وهنجندا آهن).

• **آکاريُ ج آکاريُون** (ٿ): ٿ. ڪوهه مان ڪجهه وقت پاڻيءَ نہ ڪيڻ جي حالت (انهيءَ لاءِ نہ ڪوهه ۾ گهٽجي ويل پاڻيءَ جي پُورائي ٿئي).

• **آکاڙ**: ذ. [پرا. آساڍ: سن.آشاڍ] هندي سال جي چوٿين مهيني جو نالو.

• **آکاڙو ج آکاڙا**: ذ. [پرا. كاڍ: سن. آكْشَ + پاتَ = پاٽرو ميدان] کيڙيل يا نرم ڪيل زمين جنهن ۾ ٻلهه. ڪُشتي يا راند ڪن. ڪُشتي وڙهڻ جي جاءِ. ورزش جي جاءِ ـ ڪسرت شالا. راندين جي جاءِ. ڪَڪڙن جي ويڙهه جي جاءِ ـ دائرو. سڀا - دربار "اندر جو آکاڙو". مڪان - ڪتيا.

ـ آڪاوولڳائڻ: گوڙ ڪرڻ. دائرو وجهڻ.

• آڪاٽي ج آڪاٽيون: ث. [پرا. آڪاٽيءَ: سن. آڪيانڪا < آڪيا = چوڻ] بڌايل ڳالهه – قصو – ڪهاڻي – حڪايت – وارتا.

ـ آڪاٽي ڪري ٻڌائڻ: بيان ڪري ٻڌائڻ. سريستو احوال ٻڌائڻ. در در بدنام ڪرڻ – هر هنڌ گلا ڪرڻ.

ـ آڪاٽي ڪڍڻ: ڳالهه ڪڍڻ – ڪهاڻي ٻڌائڻ.

ـ آڪاڻ: 'آڪڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. جوائڻ. ڳالهرائڻ. ٻڌي جي ڪن تي (ڳالهه) وجهائڻ. (آڪائيو – آڪائيندو – آڪائيل).

• آڪتو ج آڪتا (ت): صفت. تڪڙو. آتو. مايوس.

• آڪڙ ج آڪڙ: ذ.[سن. آ + ڪْشَرْ = صاف ڪرڻ] رڌايل ۽ آچرايل گيهه "عمر اباڻي يار ڏي. آهن آڪر ڪير" (ٽنو). مکڻ رڌائي ڪڍيل ڪنڊ ـ ڦُلي – وسناڻ – ڪتو – جهنگر.

• آڪر (ل): ث. [ع. آخر جو عامي تلفظ] مصيبت – وڏل.

• آڪڻ: مصدر.[سن. آهْلادْ. آوُر = آتَرَڻ] وڻڻ – آتڙ – پسند اچڻ. ريجهڻ – خوش ٿيڻ – راضي ٿيڻ. قبول ڪرڻ – منجهڻ.

• آڪڙوج آڪيرٽا: ذ. آڪيرو.

• آڪيڙ ج آڪيڙي (ت): ذ. صفت. [سن. آڀچاري = مڪريل] جادوگر – آڇري.

• آڪَرَ ج آڪَرَ: ذ. [سن. آڪْشوت] اکروٽ. ڪينهو – ڏڙهو – بَال "اڇليو آڪَرَ تکي ڪيئن، ڦُبين ڪنگرين تان".

• **آوازهْ:** ذ. [ف] مشهوري – ناموري – نالو – ناموس.

• **آواگَمَن، آواگَوَن:** ذ. [سن. آ + اِ + گَمْ > گَمَنْ = وڃڻ] اچ وڃ. ورجي ورجي جنمڻ ۽ مرڻ – جوٽيون وٺڻ – پنرجنم – تناسخ.

• **آواگَهَڻ:** ذ. [سن. آو + گُهْ = جهلجڻ] اوجهڙ – گمراهي. آل بزار. گورک ڌندو.

• **آواگهين:** ظرف. تار (پاڻي) – عميق – اونهو.

• **آوان:** ذ. [خ. آن ج آوَانَ] وقت. موسم.

ـ **آواندو، آواندُو ج آواندا، آواندَا:** ذ. [سن. آ + بَنْدْ = بڌڻ] پاڻيءَ جو ٻاري ۾ چوڙ. ٽڪو – آندو.

ـ **آواندو، آواندُو بڌڻ:** ٻاري. جو پاڻي بند ڪرڻ.

ـ **آواندو، آواندُو لاهڻ:** اڏ يا ڪسيءَ جو مُنهن کولڻ ۽ ان مان پاڻي وهائڻ.

ـ **آواندو، آواندُو وراڻڻ:** هڪ ٻاري. مان پاڻي بند ڪري پئي ۾ چڏڻ.

• **آوانَ ج آوانَ (ت):** ذ. تيل جو اهو نندڙو ڏبو جو بيل گاڏيءَ جي ڌيڻن کي تيل ڏيڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ ٻڌل هجي.

• **آوانو ج آوانا:** ذ. [سن. ۱. آ + هيوَ = سڏڻ: ۲. آهوانَ = سڏ، سَمَن، دعوت] ڪنهن جي اچڻ جي خبر (جنهن جي پڪ نه هجي) – هاوائو. هُل – انواه.

• **آواهَن:** ذ. [سن. آهْوَنَ] سڏ – ڪوٽ – دعوت. ڪنهن ديوتا کي مُناجات.

• **آوَت ج آوَتُون:** ث. [سن. آين = اچڻ: ف. آمد] اچڻ جي حالت – آمد. آمدني. وصولي. ٻاهران مال جي آمد. سال جي وصولي. هلڻ جو نمونو – هلڻي. عوض – بدلو. آنَ جي وائڙ.

ـ **آوت جاوت:** ث. اچ وچ. آمدني روانگي.

• **آوتُرُ ج آوتُرُ:** صفت. اينڊر – اچڻ وارو – ٻاهران اينڊر (مال).

• **آوَتِرو ج آوَتِرا:** صفت. آڻنترو – هوٽرو – حرڪتي (ٻار).

• **آوتو ج آوتا (ل):** ذ. پٽيءَ کان ڏنل سوڙ يا وهائي جي ٽيڪ.

• **آوڏ ج آوڏَ (ل):** ذ. [سن. اوڏَه] وڏي ڪَڏ. اوڙاهه سوراخ – خال – پوڙ. ڪوهه.

• **آوَرَ ج آوَرَ:** ذ. [سن. آوَرْتَ = گهمرو پيچ] وَر. وجهه. ٻوٽي جو هڪ قسم (ث).

ـ **آوَرِ ۾ اُجهڻ:** پيچ ۾ اچڻ – وَڪَرِ ۾ اچڻ. ٻل ۾ اچڻ. هٽ لڳڻ.

• **آور:** صفت. [ف. آوردن = آڻڻ] آڻيندڙ. لفظ جي آخر ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي "زور آور، بار آور وغيره".

• **آورت:** ث [سن. آوَرْتَ = گهمرو. گهيرو] واڙ. وقت گاڏڙي مان ان ڪرڻ وارو هنڌ. آوت.

• **آوَرْتا:** ث. [سن. ١. آرا تْرکْ = جوت ورکا، ٢. آوَرْکْشتا = ورکا] ديوتا اڳيان آندل نذر يا پيٽ – آرتو – آرتا.

ـ **آوَرْتا کَرڻ:** اول گهولڻ جو سات ڀيرن ڪرڻ (ديوتا نه هجڻ جي حالت ۾ ڀي، مڻان ۽ ان جي نه هجڻ جي حالت ۾ ماءُ مڻان يا ويجهي عزيز مڻان ڏيو ڪيراڻڻ) – آرتا ڪَرڻ.

• **آوَرتَ ڏهائِيُ:** ث. ڏهائي، جي انگن جي متا (ڏهاڪن جي انداز ۾).

• **آوَرتِيُ:** ث. ڇاڻي.

• **آوَرْها** ج **آوَرْهانْ:** ث. [سن. آيْردا] آرها – عُمر – جمار.

• **آوَرْدَ:** ث. [ف. آوَرْدَنْ = آڻڻ] طبيعت جي خلاف (زوري) خيال ۾ آندل ڳالهه. خيالي ڇڪ تاڻ. شعر جوڙ ۾ طبيعت تي ڏنل زور. شعر گوئي ۾ تڪلف ۽ تصنع. بناوٽ.

• **آورده:** صفت. آندل – آيل.

• **آوَرَڏُ** ج **آوَرَڏَ:** ذ. [سن. آوَرَڻ] ڏڪ – پردو. ٿهه. اهڙي شيءِ جا بچاءَ ڪري (جهوڙڪ ڪڙهه، جهنگلو، پٽ، وغيره). رندڪ – اٽڪ.

• **آورو** ج **آورا:** ذ. [سن. آ ملڪ، پرا. آمْلِيَ] آنورو – آنڙو.

• **آوَڙِيُ (ل):** ث. آهري.

• **آوَري:** ث. اچڻ جو عمل – آمد. "تشريف آوري، وغيره".

• **آوَڙُ:** مصدر. [سن. ١. آوْر، ٢. آهْلاد] آڻڻ – دل سان لڳڻ. پسند پوڻ – وٺڻ – پياروٿيڻ (آوڙيو – آوَڙَندو – آوَڙَيل).

• **آوَڙا** ج **آوَڙائُونْ:** ث. آوڙ.

• **آوَڙَڪُ:** ذ. [هـ] وٿمو (انفيڪشن).

• **آوَڪارَڻُ (ڪ):** مصدر. اڪاڻ – مينهن وسي بس ٿيڻ. آسمان جو صاف ٿيڻ.

• **آوَلو** ج **آوَلا:** ذ. صفت. [سن. آوَلَنْ = چاه رکڻ، ميل رکڻ < آوْر = چوندڙ. پسند ڪرڻ چاهڻ] پسند ايندڙ – وٺندڙ. ڏنگ وارو. (ث) آوَلِيُ ج آوليُونْ "آوَلِيُ ۽ جَاوِلِيُ. آ پرين، جي ٻاهوءَ" (جلال).

• **آوَلِيُ** ج **آوَلِيُونْ:** ث. [سن. اول آوَلِيُ = قطار] قطار – لائين. سلسلو (خاندان، گهراڻو).

• **آوَنْدَ:** ذ. [ذ] رڌڻي جو سامان (ٽانوَ ٽِپا). ڪپڙن سُڪائڻ يا ڍاڪ جي ڇڪن ٽنگڻ لاءِ رسي. ٽينس راند جي رٿڪيٽ. شطرنج جو تختو. تخت.

• **آوَنْدانْ:** صفت. [ف. آوَنگان] لٽڪندڙ.

• **آوَنگ:** ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **آوَنگَ** ج **آوَنگَ:** ذ. [ف. آوَنگ = ڪرل] رڌ پچاءَ جو ڪوبه ٿانءُ "آسان آڌارا، آڻي آونگ چاڙهيا" (شاهه). مال اسباب. ڪرل. انگورن جي ڇڪن يا ڪپڙن ٽنگڻ لاءِ رسي. ٻيڙيءَ کي هلائڻ لاءِ ٻنهي ڪنڌن تي آربار ٽنگيل رسي.

• **آوَڻُ:** مصدر. [سرائيڪي] اچڻ "وچ عروج نزول دي گهن ٿون لذت آوڻ جا وڻ دي" (ٻيدل).

ـ **آوَن جاوَن:** اچن وڃن "آذر مڻان ڦانگ، ته گهر جاون آوَن پرين" (شاهه)

• **آوَڻِي** ج **آوَڻِيانْ:** ث. آمد. (صفت) ايندڙ "اتر ڏيسان آوڻيان، ڏکڻ سَانوڻيان" (شاهه).

• **آوَهِ:** ث. [ف. آوَهْ] لوهار خانو. لوهار جو گورو – ٽِڪي. سُرن پچائڻ جو کوڙو. ٽهائين – آويُ. دوزخ. آفت – چٽي – مصيبت – آپدا. دامن جي ڪَنِي.

• **آوَهُ** ج **آوَهَ:** ذ. [ف] کاد. پڙاڏو ڪندڙ شيءِ. هڪ ساز جو نالو. هاءِ هاءِ افسوس!

• **آويُ** ج **آويُونْ:** ث. [ع. هاويه: ف. آوَه] دوزخ جو ترو – هيٺاهون دوزخ – هائي. ٽهائين. آفت – آپدا. چٽي – مصيبت. آوَه.

• **آوِي:** ذ. اهو ماڳ جتان انسان هن فاني دنيا ۾ اچي ٿو "آوي ملڪ سندون، جتان آيا وٽج ڪي" (شاه عنات).

• **آويڙ** ج **آويڙُونْ:** ث. [سن. آويشْت = ويڙهڻ، ليپٽڻ] لوهه جي پتيءِ مان هڪ جهڙا ٻه ٽڪر ٺاهي ٻنهي کي ملائي ٺاهيل هٿيار (جهوڙڪ ڪهاڙي، وغيره).

• **آويڙو** ج **آويڙا:** ذ. صفت. [سن. لٽس] اويڙو – ڏنگو.

• **آوين آويز:** ذ. [ف. آويختن = لٽڪڻ] لٽڪيل شيءِ. لٽڪڻ (جنهن ۾ ڪا شيءِ تنگيل هجي). لفظ جيڪا ۾ اچي صفاتي معنيٰ ڏيندڙ ٿيڃاڙي، مثلا "دل آوين دستاويز وغيره".

• **آويزان:** صفت. [ف. آويخْتَنْ] لٽڪندڙ.

• **آويزش، آويژش:** ث. [ف. آميختن = ميلاڻ] ميلاوٽ، جهيڙو – لڙائي – فساد.

• **آويزه** ج **آويزا:** ذ. [ف] ايرنگ.

• **آويلو** ج **آويلا:** ظرف. آويلو.

• **آهَ** ج **آهُونْ:** ث. [ف. آه: سن. آهَهَ] ڏڪ، تڪليف، درد يا سُور ۾ اندر مان نڪتل آواز. دانهن فرياد "آهه کريندي ساه، کڏهن ويندو نڪري" (شاهه). رڙ. ٻڪ – پاراتو "آه غريبان، قهر خدائي". [سن. آشا] آس – اميد – آسرو "آهَ نه لاهينديا، جيڙي جت ڏسي مران" (شاهه) (ندا) افسوس!

ـ **آهَ ڀَرڻ:** شوڪارو ڀرڻ. ظلم کان دانهن يا شڪايت ڪرڻ.

ـ **آهَ ڏان نراهه هُڻڻ:** بڙڪ ٻاهر نه ڪڍڻ – خاموش رهڻ. هيسيل رهڻ.

ـ **آهَ ڪَرڻ:** مصيبت پوڻ.

ـ **آهِ جانڪَشانْ:** ث. ماريندڙ دانهن.

ـ **آهِ جانڪاه:** ث. دل ڳاريندڙ دانهن.

ـ **آهِ جگر سوز:** ث. جگر ساڙيندڙ آهه.

ـ **آهِ زُنْ:** ذ. صفت. آهه ڪڍندڙ. شوڪارو ڀريندڙ.

_ آهِ سَرد: ث. ڏڏو ساهه.

_ آهِ سَرد پِرڻ: ڏڏو ساهه کڻڻ.

_ آهِ صَدْ آهْ: افسوس صد افسوس!

_ آهِ کِيڏ: ڏڏو ساهه پِرڻ.

_ آهِ ڪُوڪ: آفت يا قهر نازل ٿيڻ.

_ آهِ ڪَشُ: ذ. صفت. آهِ کيندڙ.

_ آهِ نِيمْڪَش: ث. اڌ لکو ڏڏو ساهه.

_ آهِ نِيرْ شب: ث. اڌ رات واري دانهن ۽ فرياد.

_ آهِ نِڪرڻ: دل مان پاراتو نڪرڻ.

_ آهِ وَيْڪا: ث. روڄ راڙو ۽ پٽڪو ۽ واويلا.

_ آهِ وزاري: ث. روڄ ۽ پٽڪو ۽ واويلا.

_ آهِ وفغان: ث. روڄ راڙو ۽ واويلا.

_ آهُون: پٽون (آهون اُکنديون جيئون).

_ آهُونْ ڪرڻ: دانهون ڪرڻ. رڙڻ ۽ روڄ ڪرڻ "ڪنڌيءَ جهليو ڪانهه. عاشق ايو آهُون ڪري" (شاهه). ڪُوڪارڻ.

• آهه: فعل. [سن. آس] "آهي" جو مخلف ۽ آهي "سالڪن سمجهي چيو. اِيءَ آهه دنيا ڏينهن ڏون" (گل).

_ آهِ ۽ ناهِ: هٿ ۾ نه هٿ. موجود ۽ غير موجوده. وجود ۽ نيستي.

• آهَ ج آهَ: ذ. [سن. آهاو] آنهَ.

• آها: حرف ندا. [سن. آهَهَ] تکليف. عجب يا ڏک مان نڪتل آواز (جو هاءِ هايا. واه واه! بلي بلي! جو اظهار ڪري).

• آهار: ظرف. [سن. آدار] آدار تي ۽ آسري تي ۽ ٽيڪ تي.

• آهارُ ج آهار: ذ. [پرا. سن. آهارَ: ف. آهارْ] ڪاڏو ۽ خوراڪ ۽ قوت. [سن. آدارَ] ٽيڪ ۽ مدد. آسرو.

• آهارِي ج آهارِي: ذ. صفت. ڪائيندڙ "ماس آهاري" (= گوشت کائيندڙ).

• آهارِي: ث. آدر. صلاح.

• آهانْ (ث): ضمير. اوهان.

• آهَتُ ج آهَتَ: ذ. [سن.آ + هت] ڪاسبي. ڪَرمي يا پُشي ڪنهن به مُهاڙيءَ تي سالياتو ٻڌائڻ يا لاڳ (جو فصل لهڻ تي ڏنو وڃي) ۽ رڪَب هلي چلي ۽ دستور. خوء ۽ خصلت "اڪين جي آهت. ڪٽي اچلايس چپرين".

_ آهَتُ رَکَڻُ: ڇهماهي يا سالياني معاوضي تي ڪاسبين کان ڪم وٺڻ لاءِ سائن لاڳاپو رکڻ. ڪاسبيءَ جو سالياني يا ڇهماهي معاوضي تي ڪنهن به مهاڙيءَ سان وهنوار رکڻ.

_ آهتُو ج آهتُو: ذ. صفت. آهتي.

• آهتِي ج آهتِي: ذ. صفت آهت پريندڙ (ڪَرمي يا پيو ڪوبه مهاڙيو). آهت ولندڙ (ڪاسبي) "فلاتو ڪَرمي منهنجو آهتي آهي".

• آهَتَ ج آهَتُونْ: ث. پيرن جو خفيف ڪڙڪو. هلڻ جو هلڪو آواز.

• آهَڙ: ظرف. [سن. اَنْسارَ] پٺاندر ۽ موجب ۽ سارو ۽ مطابق. جيترو. آڏار ث. [سن. آدَرَ] آدار ۽ ٽيڪ ۽ جهلو. واهر "بَدَ توکل ترهو. آهَر سائ اللّٰه" (شاهه). پهچ ۽ طاقت ۽ پناه.

• آهَڙ: ذ. [ف. اهارْ: سن. آهارَ = آ + هُرْ = ڪڍڻ. وڍڻ] پٽو (جو ڏوبي ڪپڙن کي ڏيندا آهن) ۽ ڪُلُف ۽ پيڇي ۽ پيڙ.

• آهَڙِ ج آهَڙِ: ذ. صفت. [ع. عاهِرُ] ڏاريو مرد ۽ غيرمرد. يار ۽ سيندو ۽ ڇڪهه. آهير. [سن. اسَرِيْ] معالجت جو هڪ نمونو ۽ جراحت ۽ ڏنڀ.

• آهَڙ: ث. تيلي بج جو هڪ قسم (سرنهه ۾ جانهي جي جنس مان).

• آهَڙ آهَڙِ ج آهَڙُونْ آهَڙ: ث. ذ. [آف. آهوڙ] ۱. مال جي کاڏي لاءِ ڪُوٽر ۽ آهَرو. مينهن يا ڇٽون جو هڪ وقتو کاڏو. 'آهر ڏيڻ. آهر وجهڻ' ۲. سنهڙو بج جيڪو مصالحي طور ڪر اچي. ف. خردل. هرائي.

• آهراري: ث. استعمال جي لحاظ کان غالبا ڪو گاهه (جنهن جو بج ڏڻ طور کاڏو يارڏو وڃي. جنهن جا ستا ڪري رکن) "عمر آهراري جا سنپوڙا سڻين" (شاه عنات). شاهه عبداللطيف لفظ "آراڙي" آندو آهي. جنهن جي معنيٰ ڪو کاڏو. جو مارو ماڻهو کائين.

• آهَر رَهَڻ ڪرڻ: تنگيءَ سان وقت گذارڻ ۽ مينهن يا ڇٽون جو هڪ وقتو کاڏو.

• آهَرناريْ: اسر خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• آهَرُنْ: مصدر. [ف. آهار] کُلُف ڏيڻ جوءَ يا لئي لڳائڻ. (آهَريو ۽ آهَرندو ۽ آهَريل).

• آهرو ج آهرا: ذ. ڪائي يا پيلپائو (جنهن تي پڪي وهندا آهن) ۽ واهيرو. ڪُڙن يا پڪين جي رات جي وهڻ جي جاءِ ۽ آهيرو.

• آهُروج آهُرا: ذ. [فن. آخوڙ] ديون جي کاڏي لاءِ ڪُونر ۽ آهورو. آهَر ۽ آڏر.

• آهرو ج آهرا (ث): ذ. اها کوتيل ڪڍ جنهن ۾ ٽري ماڻهو ٽوهه آڻي وجهن ۾ واريءَ سان ليتي چڏين. ڪڍ ۾ ٽوهه سکي وڃن ته انهن کي ڪتي بج ڪيڏي تئي تي سيکي لوڻ ملائي کائين. "آڻيو وجهن آهرين سندا ٽوهن تس" (شاهه).

_ آهُن ۾ کائڻ: گهٽي چاري مان ڏؤ ڪري کائڻ. تمام گهٽو يا ريل پيل خرچ ڪرڻ.

_ آهُرين: آهُرن ۾ (مال جي کائڻ وارن) ڪُونڙن ۾.

• آهَرِيْ: اسر خاص. تعلقي دڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• آهِرِيُ ج آهِرِيُونْ: ث. [سن. آدَرْشه = (آ = چٽي طرفن کان + دَرْشْ = ڏسڻ)] آرسي

• **آهريُ ج آهريُ**: ذ. صفت. [ملتاني] چست چالاک محنتي.

• **آهَرِيُ (ل)**: ث. [سن. آسَرِيُ] گجرن جو آچار.

• **آهريا**: اسم خاص. تعلقي دادو پر هڪ ديهه جو نالو.

• **آهَلِ ج آهَلِوُنُ (ل)**: ذ. ولَر – تولي. جماعت.

• **آهَلڻ**: مصدر. [ف. آرَلڻ = آهولڻ: سن. آ – سْكَلْ] جنڊ کي آهولڻ. تڙڪڻ – ٽاپڙڻ باهرڻ. (آهَرِيو – آهَرِيو – آهَرِندو – آهَرِيل).

• **آهَلُو ج آهَوُا**: ذ. صفت. [سن. ١. آسْكَر = ڏکيو. ٢. آوِهْ = آهڙڻ] آهنجو – ڏکيو. ڇيندڙ. کهرو "آڏ ترجا آهوا، ڏونگر کي ڏاڪا" (شاه).

• **آهَلو ج آهَوا**: صفت. آهوڙا – پر کتيندڙ "مرسي کامن کمن جي انڌا اونڌا آهوا" (خانزئي).

• **آهسْتہ**: ظرف. [ف] ڏيري – ڏيمي – هوريان – آهستي.

– **آهسته آهسته**: ظرف. ڏيري. ڏيري. ڏيمي ڏيمي. هوريان هوريان. رفته رفته. درجي بدرجي.

– **آهسته رَوُ**: ذ. صفت. آهسته هلندڙ.

– **آهسته سُخُن**: ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

– **آهسته سُخُن**: ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

• **آهستگي ج آهستگيُون**: ث. ڍرائي. نهر تحمل – ديرپائي.

– **آهستو**: ظرف. آهسته.

– **آهستي**: آهستي: ظرف. آهسته آهسته.

• **آهَكُ**: ذ. [ف] جونو – سيڙهي – گَچ.

• **آهلُ**: صفت. [ع. آهلٌ] مائهن سان معمور وسندڙ – آباد (شهر). اهل عيال وارو.

• **آهلڻ**: مصدر. [سن. آلَمْبَ = ٽيڪ] ليٽڻ – لاڙو ڪرڻ – آرَلَ ڪَرڻ. آرام ڪرڻ. ٿوري دير لاءِ ٻَٽ سئون ڪرڻ – ڇيلهه ڏڪي ڪرڻ. [سن. آوهيل = بيمانائي. ڪل مسخري. حقارت] ويچارا ڪيڏ – ڇيرا ڏيڻ. نَڪل ڪرڻ – آهل ڪرڻ (آهليو – آهلندو – آهليل).

• **آهلُ ج آهلُوُن**: ث. ليٽ – لاڙو – آرَل. رُجحان. ڪاڻ. ويچارا – آهلڻ – نقل.

– **آهلائڻ**: 'آهلڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ليٽائڻ – لاڙو ڪرائڻ. آرام ڪرائڻ. سَمهارڻ. ننڊ ڪرائڻ. آرام ڪرائڻ.

– **آهلجڻ**: 'آهلڻ' مصدر مان فعل مجهول. ليٽجڻ – آرجڻ.

– **آهلُ ڪرڻ**: ويچارا ڏيڻ – ڇيرا ڪيڏ.

– **آهليل**: ذ. صفت. ٽيڪ ڏنل. ليٽيل. ننڊو.

• **آهمر**: ضمير. مون کي آهي – آهيم "آهمر اي عجب. جيئن وارئو ويج وهاريين" (شاه).

• **آهَنُ، آهڻُ**: ذ. [ف] لوهه. فولاد – رَڪ. [سن. آشْمَنْ] ٽانوَ جي وزن پوري ڪرڻ لاءِ ساهميءَ جي پڙ ۾ وڌل وَٽ، تورا يا پٽر – آهَن.

• **آهين، آهيين**: فعل آهن.

– **آهَنُ رُبا**: ذ. لوهه کي چڪيندڙ – چقمق.

– **آهنگر**: ذ. صفت. لوهه گهڙيندڙ – لوهار.

– **آهني ج آهني**: صفت. لوهه جو – لوهي. مضبوط.

• **آهَنْڊ ج آهَنْڊَ**: ذ. صفت. آهنڊ. لچ. ائٽرو. سئون پل، نه ڏيندڙ.

• **آهَنگ ج آهَنگُون**: ث. خوشبوءِ – سُگَنڌ.

• **آهَنْتر ج آهَنْتَر**: ذ. آهَتر.

• **آهَنْگُ ج آهَنْگ**: ذ. [ف] آواز. جهُونگار – آلاپ. نغمو. سُر. ارادو – قصد.

• **آهڻو ج آهڻا (ڪ)**: ذ. [سن. آلَمْبَ] ٽيڪ – ليڻ – لاڙو – رجحان. اَٽَلَ – ڪاڻ. نقل پيروي – اَهل.

• **آهو**: ذ. [سن. آشا] آسرو – اميد – دلاسو. هيڇ. ڦرب. لاڳاپو.

– **آهو پَلُڻ**: آسرو لاهڻ.

– **آهو ڏِيڻ**: آسرو ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ.

– **آهو ڪاهو ڪرڻ**: سخت تڪليف ونڻ – وڏي ڪوشش ڪرڻ.

– **آهو ڪَڻڪ**: آسرو پلڻ – اميد لاهڻ "ساموندي سنيوڙا، ڪٿي مون اگهيءَ تان آهو" (سانوڻ). جوکو ڪٽڻ. قرباني ڪرڻ.

• **آهُوُ ج آهُوُ**: ذ. [ف] هَرڻ – مرگهُ. ڪبوتر جو هڪ قسم (گهٽي ڳٽ ڳٽ ڪندڙ ڪبوتر). باراٽي رائد جو هڪ قسم – ليٽ ڪبوتر. نقص – عيب.

– **آهُوُپا**: ذ. صفت. [آهو = هرڻ + پا = پير] هرڻ وانگر پيرن جو تڪو – تمام تيز ڊوڙندڙ.

– **آهُوپرو**: ذ. آهو باز جنهن کي ڪنهن ٽي هرڻ جي پير وارو چترهجي.

– **آهُوپيرُ**: ذ. هڪ پسارڪو وڪر.

– **آهُوچَشمُ**: ذ. جنهن جون اکيون هرڻ جي اکين جهڙيون هجن – هرڻ اکيون – وڏين اکين وارو. سهڻو. معشوق.

– **آهُودل**: ذ. صفت. ڊڄڻو.

• **آهوگام**: ذ. هرڻ جي رفتار (يعني جوانيءَ سبب هلڻ ۾ ناز ۽ ڪَڙ). "ڪهي باغ بنئي ۾ بره سين هڪ هئي ڪامڻ آهوگام" (ڪبير شاهه).

– **آهُوگِيرُ ج آهُوگِيرُ**: ذ. صفت. هرڻ ونندڙ – شڪاري.

– **آهُوشڪمُ**: ذ. صفت. جنهن جو پيٽ هرڻ جي پيٽ جهڙو (پٽيءَ سان لڳل) هجي – لڪدار.

– **آهُونگاه**: ذ. صفت. سهڻين اکين وارو – معشوق.

ـ **آهُوي ڇَرخُ:** ذ. آسمان جو هرڻ. سج.

• **آهُوُ پيرُ** ج **آهُوُ پيرَ:** ذ. پساركي وڏو جو هڪ قسم (پير جي داڻن جهڙو ٿئي).

• **آهُوٽي** ج **آهُوٽيُون:** ٿ. [سن. ١. آهَ = هل چاڙهڻ، پيتا ڏيڻ. ٢. آهت = هل] هندن ۾ ديوتائن اڳيان باهه سان ڳڏ هل چاڙهڻ جي رسم. هل چاڙهڻ سان ڳڏ کاٻ ڪرڻ. ساڙيل گيهه جي پيتا.

ـ **آهُوٽي ڏيڻُ:** هل چاڙهڻ ـ قرباني ڪرڻ. ساڙيل گيهه پيتا طور ڏيڻ.

ـ **آهُوٽي وجهڻُ:** ڪاوڙيل کي وڌيڪ ڪاوڙائڻ.

• **آهوءَ:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آهوڙ** ج **آهوڙا:** ذ. [ف. آخور] آهرو ـ ڪونر.

ـ **آهوڙن ۾ ڪاهڻ:** گهٽي چاري مان ڏوڪري ڪائڻ "جن ڪاڏو آهوڙن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهوڙن ۾".

• **آهوڙ** ج **آهوڙ** (ل): ذ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ڪنهن اوزار (ڪهاڙي، ڏاتي، واهلي، وغيره) جو اڏورو تيار ڪيل ٻوٽو.

ـ **آهوڙ ورائڻ:** اوزارن جا اڏر ڳاڙها ٻوٽا تيار ڪرڻ.

• **آهوڙڻُ:** مصدر. [سن. أرْجِ: ف. آرندن] جنڊ جي ڪهرو ڪرڻ ـ ٽڪڻُ. [سن. آوَارَ] گم ٿي ويل پير (جور، وهت وغيره جي) ڳولڻ لاءِ اوهاڙون ڏيڻ ـ اوري پري پير جي جانچ ونڻ. (آهوڙيو ـ آهوڙيندو ـ آهوڙيل).

• **آهوڙ** ج **آهوڙون:** ٿ. پيري جي تحقيقات لاءِ جوڙاري ڳولا ـ اوهاڙ.

ـ **آهوڙ ڏيڻ، هڻڻ:** چوريا چوري ٽيل چوپائي مال جي وڃايل پير جو نشان ڳولڻ.

ـ **آهوڙائڻ:** "آهوڙڻ" مصدر مان متعدي بالواسطه. جنڊ جي ٽڪائڻ يا ڪهرو ڪرائڻ.

ـ **آهوڙ ٻڌڻ:** لاڪيٽو مارڻ ـ سڏڻ.

ـ **آهوڙجڻ:** "آهوڙڻ" مصدر مان فعل مجهول. جنڊ جو ڪرندجڻ ـ ڪهرو ٿيڻ.

• **آهوڙو** ج **آهوڙا:** ذ. صفت. جنڊ جي آهوڙيندڙ ـ ڪهرو ڪندڙ. ڳولائو ـ ڳوليندڙ (پيري جو). (ذ) جنڊ جي آهوڙڻ جو اوزار ـ چيٽي ـ تاڪٽي.

• **آهوڙيُ** ج **آهوڙيُون:** جنڊ جي ٽاڪڻ ۽ ڪهري ڪرڻ جو اوزار ـ چيٽي ـ تاڪٽي.

• **آهوڙيُ:** ذ. آهيڙي ـ شڪاري. ڳولائو. طالب.

• **آهوڙيُ:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهُوُ ساهُوُ (ت):** ذ. صفت. مسافر ـ پرديسي. اڻ واقف ڇڪو مٽو.

• **آهي:** فعل. 'هڻڻ' مصدر جي حاليه صورت حاضر ـ موجود.

ـ **آهي الله:** جملو. خيرات لاءِ صدا هڻڻ جو اصطلاح ـ الله باقي!.

• **آهِي** ج **آهِيُون:** ٿ. [سن. أذ] فڪر ـ ڳڻتي. درد. پيڙا. بدبختي. آفت.

• **آهيڻُ:** ذ. نشان ـ پتو ـ اهجاڻ. خبر.

• **آهيداڻو پيرُ:** اسم خاص. ڏهين صدي هجري جو هڪ بزرگ "شيخ موسيٰ" (جنهن جي مزار تعلقي ٽنڈي الهيار ۾ آهي) "آهيداڻي پير کي ڪڇ صبح جو سلام" (شاه عنات).

• **آهيڙ** ج **آهيڙ:** ذ. صفت. [ع. عاهِر] آهر ـ ڏاريو مرد "جا آهين آئڙي، سا هُنن بہ سيباڻي" يار ـ سيندو ـ ڇڪهه. [سن. أسُر =ديوتا دٽت، شيطان: زند. آهر < أهرمن = شيطان] آهير (هڪ وحشي قوم).

• **آهيرو** ج **آهيرا:** ذ. [سن. آڏان، پرا. اوهير] آکيرو ـ وانڍهيرو "سا سڪ سليان کيئن، جنهن اندر آهيرا کيا" (شاه).

ـ **آهيرو ڪرڻُ:** آرام ڪرڻ.

• **آهيرُ** ج **آهيرُون:** ٿ. [سن.آدرْش] آرسي ـ آهرُ. منهن "آهيريان اُجرو، قلب ۾ ڪارو" (شاه).

ـ **آهيريان:** آرسيءَ کان، آئيني کان.

• **آهيرُيو:** ذ. [سن. آسُري] آهر.

• **آهيڙو** ج **آهيڙا:** ذ. صفت. آهيڙي.

• **آهيڙُ** ج **آهيڙُ:** ذ. صفت. [سن. آکيٽڪ (آ = ساڻ + کِتْ = ستائڻ) شڪار ڪندڙ] شڪاري (مرن جو) ـ صياد ـ آهيڙو "جهنگل آهيڙين ري، پنڻ ڪيو رَوَنڊو" (شاه). حلال خور ـ ڇهڙو ـ ٽوري.

• **آهيڙائي** ج **آهيڙائيُون:** صفت. 'آهيڙي' جو مونٿ. گهٽ ذات واري (عورت) ـ ڪمذات. گولي ـ بانهي.

• **آهينْ** ج **آهيُونْ:** ٿ. مَڪ جو هڪ قسم (جا پشم جي گدامن ۾ ٿئي، ۽ رات ۾ ٻوٽ ساڻ ڪنگهه ٿئي).

• **آهينو** ج **آهينا:** ذ. [ف. آهينه. آئِينْ <(صفت) اڇايو ـ بي فائدو (ٿ).

ـ **آهينو ڏيڪ:** آرسي ڏيکارڻ. ٻجو ڏيڻ.

• **آءِ** ج **آئِيُون:** ٿ. آئِي ـ ماءُ.

• **آءِ:** فعل آهي.

• **آءُ (آئُون):** ضمير. [سن. آهَمْ، آيَمْ] آئُونْ ـ مانْ. (ٿ) وڏائي ـ تڪبر هُڪ 'عالم آءُ ساڻ، پريو تو پير ڪري" (شاه).

• **آءٌ:** ضمير. انانيت ـ آپو ـ خودي. هستي.

• **آءُ آءُ:** ذ. ڏاريل ماڻ يا پکين کي سڏڻ جو آواز. شڪارين جي اصطلاح ۾ سوئر کي سڏڻ جو آواز.

• **آءُپاءُ:** ذ. [سن. پاو] آڏر پاءُ ـ پلي ڪار ـ آجيان. خاطر مرحبا.

• **آءُ ڪاءُ:** فڪر ـ ڳڻتي ـ اونو ـ وجهل.

ـ **آءُ ڪاءُ ڪرڻُ:** ڳڻتي ڪرڻ ـ فڪر ڪرڻ ـ ويچار ڪرڻ "وڏو سُر ٿي سرهو، مَرَ کي آءُ مر ڪاءُ" (شاه).

• **آئتو:** ذ. وڏائي.
• **آئتوار:** ذ. آرتوار.
• **آئتڻ:** مصدر. [سن. آوَرتَنَ] ڪنهن ڏاتو (سون، چاندي وغيره) کي ڳارڻ – رحائڻ – پگهارڻ. هڻڻ پوڻ – وڌڻ – جهڳڙڻ – آنڪڻ. اونڌو ٿي ڪرڻ. پڃ چنڻ (ت). (آئتيو – آئتندو – آئتيل).
• **آئت ج آئٹون:** ث. ڳرڻ يا رڇڻ جي حالت – ڳارو گنداز. ڳارڙٽي – جهوراٽو.
• **آئتائڻ:** 'آئتڻ' مصدر مان فعل مجهول. ڳرڻ – پگهرڇڻ – رڇڻ.
• **آئتو آئٹتي آئٹرو ج آئتا، آئٹتا، آئٹترا:** ذ. صفت. [سن. آدشتَ] بي اولادي. سُڃو – پينگيو. بدبخت – نياڳو. پليد – جوڻو.
– **آئتو ڪرڻ:** پليد ڪرڻ – خراب ڪرڻ – ناپاڪ ڪرڻ – وڃائڻ.
– **آئتو نپٹي، آئٹرو نپٹرو:** ذ. صفت. بي اولادي – نانگو نيٽو. بدبخت – نياڳو. ڪدڙو.
• **آئلڻ، آئيلڻ (ت):** ذ. آئڻ – آئيرڻ.
• **آئلي آئلو ج آئلا:** ذ. [سن. ١. ١ – ڪُرشتَ، ٢. آنشا] غيرآباد زمين. اڻ ڪاهيل زمين جو ٽڪر. آبادي، ڪان سواءِ پيل زمين جو ٽڪرو.
• **آئرس:** اسم خاص. [يوناني] انديڪ جي ديوي (Iris). ديوتائن کي پيغام رسائيندڙ.
• **آئڑڻ:** مصدر. [سن. آهَل = اڇڻ وڃڻ] ٻيڙيءَ جو پاڻيءَ ۾ روانو ٿيڻ – آهرڻ. (آئريو – آئرندو – آئريل).
• **آئرو ج آئرا (ت):** ذ. پٽ وجهڻ لاءِ ڪنبل ننڍي ٻيڙهه.
• **آئرو ج آئرا:** ذ. آنورو – آنڙو.
• **آئري:** اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **آئڑڻ:** مصدر. [سن. ١. آهلادْ < آڑْ = پسند اچڻ] وڻڻ – ڪش اچڻ – پاڻڻ (دل ڪي). دل سان لڳڻ "لاڻي وڃان لرڪ. تو ڪهڙي اکر آئڑي" (شاهه).
– **آئڑي آهن:** پسند اچڻ – دل ڪي وڻڻ. دل سان لڳڻ.
• **آئسو ج آئسا:** ذ. [سن. آشَيه] اشارو – ڪنايو – ماڻ.
• **آئسڪريم:** ث. [انگ. آئيس = برف + ڪريمْ = ملائي. Ice cream] برف جي ملائي.
• **آئڪ:** ث. آنڪ (زنجيري، جي نمونو پرت).
• **آئلپور:** اسم خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آئنٽرو ج آئنٽرا:** ذ. صفت. آئنو.
• **آئندو آئيندو:** ذ. صفت. [فـ. آيندَه] ايندڙ وقت – مستقبل. ايندڙ سال. (ظرف) هن ڪان پوءِ – اڳتي – آئيندي. ٻئي ڀيري – وري – ٻيهر.
– **آئندي، آئيندي:** ظرف. ايندڙ وقت ۾ – هن ڪان پوءِ – ٻيهر – وري.
• **آئڻ ج آئڻ (ت):** ذ. گندي، مان اڻ ڪين جو سوراخ.
• **آئڻ ج آئڻ:** ذ. مني پائڻ، جي مڇي، جو هڪ قسم – ڇرڪو. (صفت) جُلهه ڪري ايندڙ. هائو ڪري ڪائي ويندڙ – گهٽو ڪائيندڙ.
– **آئو آئو ڪرڻ:** هائو هائو ڪرڻ. سُور مان دانهون ڪرڻ.
• **آئوٽ:** صفت. [انگ. Out] راند ۾ باهر نڪتل – هارايل – جيتيل. ظاهر – پڌرو – شايع.
• **آئوڙ:** ذ. وڏو ڇرڪو.
• **آئوڙو ج آئوڙا (ل):** ذ. [سن. آهاوَ] آواڙو – آنهن.
• **آئون ج آسين:** ضمير. [پرا. هَئُون: سن. آهَمْ: آيمْ] مان – مون – آءٌ. (ڏ) اهنڪار – خودي "هڏ ته ٻيائي نهي. آئون اٽ نه آهه" (شاهه). [سن. آم] سُوريءَ جي بيماريءَ ۾ پيٽ مان نڪرندڙ لڳ لڳ دار غلاظت – آنڙون. ("جري" ٻچاڙي) ڪان – منجهان "گهرائون، منجهائون".
• **آئونٽرو ج آئونٽرا (ل):** ذ. صفت. آئنٽرو.
• **آئونس:** ذ. انگ. Ounce] پائونڊ جو سوڙهن حصو (جيڪو اڍائي تولن جي برابر ٿئي).
• **آئڻ ج آئيون:** ث. [سن. ١. آريا = سڪر زال: ٢. اَنْبا = ماءُ] آيل – ماءُ – اما – جيجل – آمڙ. عزت وارو خطاب (ڪنهن به زال لاءِ) "سيڻن سڃهر لڏيو. تون آئي نهارين اڄ" (شاهه). ڪير پياريندڙ عورت – دائي – آيا. [فـ. اَوْه] نهائين – آوي – آتشدان "عشق اِهو آئيءَ ڪان. سڪيو ساهيڙن" (سجل). مصيبت – مشڪلات – ٻوهو – آهي. [سن. آج] رڌ – ڀڪري – آئي. اوچتو آيل مصيبت.
– **آئيءَ ۾ اچڻ:** اوچتي، مصيبت ۾ ڦاسڻ.
• **آئيي وئي:** ظرف. درگذر. بي بقا.
• **آئي وئي ڳالهه:** محاورو. رفع دفع ٿيل معاملو. ختم ٿيل جهيڙو وغيره.
– **آئيءَ ويل:** ث ضرورت جي وقت – ڏکئي وقت.
– **آئيءَ ويل ڪم اچڻ:** مصيبت يا ضرورت جي وقت ڪم اچڻ "اهو ڪي ڪجي جو آئيءَ ويل ڪم اچي".
– **آئي پائي:** ظرف. ٿهي ٽڪي – مڪمل. تيار.
– **آئين:** ث. هائوڪار. ظرف. هائو.
– **آئين ڪرڻ:** هائوڪار ڪرڻ – مڃڻ.
– **آئين:** ذ. [فـ آئين] قاعدو – قانون – دستور، رواج – رسم. زيب وزينت.
– **آئين اڪبري:** ذ. اڪبر بادشاه جو (ابوالفضل جو مُرتب ڪيل قاعدن قانونن جو ڪتاب.

ـ آئين ساز: ذ. صفت. قاعدو جوڙيندڙ – قانون ٺاهيندڙ – دستور ساز.

ـ آئين ساز اسيمبلي: ث. قاعدا قانون ٺاهيندڙ جماعت – دستوريه.

ـ آئيني: صفت. قاعدي مطابق – قانون موجب – قانوني – دستوري.

ـ آئينو ج آئينا: ذ. [ف. آئينه < آهينه < آهڻ = لوهه مان ٺهيل آرسي] آرسي – ڪ – آهري – درسني – آهينو.

ـ آئينو ڏيکارڻ: ناشناس کي هنر ڏيکارڻ. نادان کي نصيحت ڪرڻ.

ـ آئينو بڌجڻ: صاف ٿيڻ – سفاف ٿيڻ. آب و تاب وارو ٿيڻ. بي. خود ٿيڻ – فکر ٻکو ٿيڻ. بين لاءِ مثال ٿيڻ.

ـ آئينو ڏيکارڻ: آرسي ڏيکارڻ. جلد موٽڻ لاءِ (باهر ويندڙ ماڻهوءَ کي) پنيان آرسي ڏيکارڻ جو هڪ سون ڪرڻ. اهو ڪان، جو گهر جي پتين تي ويهي تان تان ڪري بيزار ڪري. ان کي پجائڻ لاءِ آرسيءَ جو اولڙو ڪرڻ (جيئن اولڙي ۾ سان ڪان، پجي وڃي). هلکو يا ترڙو ماڻهو جڏهن حد کان نڪري يا ڪنهن چڱي ماڻهوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائي. اهڙيءَ حالت ۾ ان کي سندس عيب. خاميون ۽ اصليت ٻڌائي شرمندو ڪرڻ. توڪ ڪرڻ – جٽ ڪرڻ.

• آئينو ڏيکارڻ: شاديءَ جي هڪ رسم ۾ لاڙڪن ڪان اڳ گهوٽ کي آرسيءَ ۾ ڪنوار جو منهن ڏيکارڻ.

• آئيندو: صفت. [ف. آيندا] ايندڙ – آيل. واتهڙو. وات ويندو – بيگناهه.

• آئينڊ: ذ. [ف] آئينو.

ـ آئينه باطن: ذ. صفت. جنهن جو اندر آرسيءَ جهڙو صاف هجي – صاف دل – نيڪ دل – ايماندار – سچار.

ـ آئينه بندي: ث. شيشي. بلور وغيره سان ڪيل ٺاهه ٽوهه.

ـ آئينه جمال: ذ. صفت. تماڻ سهڻو. خوبصورت.

ـ آئينه دار: اسر خاص. آئينو رکندڙ – حجام. عيب ظاهر ڪندڙ.

ـ آئينه دان: ذ. آئيسي. رکڻ لاءِ چمر يا ڪپڙي جي ٽيلهي.

ـ آئينه دل: ذ. صفت. صاف دل – ايماندار – سچار.

ـ آئينه رُخ: ذ. صفت. جنهن جو منهن آرسيءَ جهڙو هجي – سهڻو – حسين. معشوق.

ـ آئينه رُخسار: ذ. صفت. آئينه وانگر چمڪندڙ ڳلن وارو – سهڻو – حسين.

ـ آئينه رَوُ: صفت. آئينه رُخ.

ـ آئينه ساز: ذ. صفت. آرسيُون ٺاهيندڙ. شيشي جو ڪم ڪندڙ.

ـ آئينه سازي: ث. آرسين ٺاهڻ جو ڪم.

ـ آئينه سڪندر: ذ. سڪندر بادشاه جي آرسي (بلياناس حڪيم جو ٺاهيل ايڪيهن گز گهيري ۽ ست گز قطر وارو آئينو. جو سڪندر بادشاه جي حڪم سان ٺاهي شهر ۾ ئي سؤ گز ڊگهي مناري تي رکيو هئائين. جنهن ۾ سوين ڪوه پري جون شيون آساڻيءَ سان ڏسي سگهبيون هيون).

ـ آئينه طبع: ذ. نيڪ دل – ايماندار – سچار.

ـ آئينه طلعت: ذ. صفت. نيڪ

ـ آئينه طينت: ذ. صفت. نيڪ دل – ايماندار.

ـ آئينه گر: ذ. صفت. آرسيون ٺاهيندڙ – آئينه ساز.

• آئي وئي: ذ.صفت. ايندڙ ويندڙ. مهمان مسافر. (ث) آئي وئي ج آيُون ويُون.

ـ آئي وئي کي منهن ڏيڻ: مهمان مڙي جي خاطر مرحبا ڪرڻ.

ـ آئي وئي هڪ ري ڇڏڻ: نتائي جڏڻ – در گذر ڪرڻ. پورو ڏيان نه ڏيڻ.

• آئيُونا ج آئيُوناُون: ث. [آ – اِ ـ اُ – ت: هندو سنڌي لپيءَ جي بَٽن اکرن جي ست "آئُو. اِيُونُ. آيه. تا > آءِ ـ اِيُ – تا" = آئيُونا] الف. ب جا اکر – الفباءِ ـ لپي – وَرڻ ساڻا – Alphabet.

• آيا: ضمير. [ف] جا. (ظرف) جيڪر. شايد.

• آيا ج آياڻُون: ث. [سن. ١. آيا = سڪر زال. ٢. انبا = ماءُ] ماءُ – آئي. ٻارن نپائڻ لاءِ عورت – دائي. ٻارن سنڀالڻ لاءِ خادمه.

• آيه: ث. [ع] ڏسو "آيت".

• آيه ءِ رحمت: ث. قرآن شريف جي انها آيت جنهن ۾ خداوندي رحمت جو ذڪر هجي. خدا جي رحمت.

• آيات: ث. [ع. آيَة ج آيات] آيتُون (قرآن شريف جون). نشانيون (فطرت جون).

ـ آياتُ‌الله: ث. الله جون نشانيون – فطرت جا قانون ۽ ڪرشما.

• آيتَ ج آيتُون: ث. [ع. آيَة = نشاني] قرآن شريف جو هڪ جملو يا فقرو "جي. تو بيت پائيا. سي آيتون آهين" (شاهه). نشاني – علامت. نصيحت. مثال. معجزو.

• آيام: آيا مون وٽ (اڳڻ آيام پيهي = منهنجي اڳڻ ۾ اندر قدم پري آيا).

• آيُورِيدُ: ذ. [سن] طب جو هڪ ڪتاب (آثريد جو خُلاصو).

• آيل: فعل. [سن. آيا. آءِ = اچڻ] اچي ويل حاضر ٿيل.

• آيلَ ج آيلُون: ث. [سن. ١. آيا = سڪر زال. ٢. انبا = ماءُ] ماءُ – جيجل – آئي "آيلِ آن نه وسهان. هنڌون جي هارين" (شاهه).

• آيُن: ڪين آيو (آين نه آرام = ڪين ڪڏهن به آرام نه آيو).

• آيندَهُ: ظرف. [ف] اڳيندي.

ـ آيندهٔ روندهٔ: صفت. اسم فاعل. ايندڙ ويندڙ.

• **آينگ:** ظرف. اوجتو – آينگ.
• **آيو:** ذ. گل جوهڪ قسم "لرتي آيي عود اگر، اگن نه لڳي آه" (حلال ڪتي).
• **آيو:** فعل. "اچڻ" مصدر مان ماضي معطرفي. رسيو – پهتو. مليو. (سڏ جو جواب) اچان ٿو! – اجهو حاضر ٿيس!
– **آيو پايو:** ظرف. ٽهيل ٽڪيل. هڪيو تڪيو. لٽي پٽي. اڳو پوء. هميشه. لاءِ.
– **آيو پايو ڏيڻ:** بلڪل ڏيڻي. مفت ۾ ڏيڻ.
– **آيو رهڻ:** ٽوري گهٽي تي يڪدم ڪاوڙ ڏيکارڻ.
– **آيو رهيو:** ظرف. جاڻ نه آيو – اجهو آيو. جهٽ پٽ – يڪدم. جاڻ نه ختم ٿيو – جاڻ نه ٻوروٽيو.
– **آيو نه ڳڻڻ:** اچڻ جي نه ڪرڻ.
– **آيو ويو:** ذ. صفت. ايندڙ ويندڙ – اچڻ وارو ۽ وڃڻ وارو. مسافر. مهمان. (ث) آئي وئي ج آيون ويون.
• **آيو ويو ٿيڻ:** خرچ ٿي وڃڻ. وسري وڃڻ. درگذر ٿيڻ.
– **آيون ويون ڳڻڻ:** درگذر ڪرڻ – نظر انداز ڪرڻ – وساري ڇڏڻ – ڏيان نه ڏيڻ.
• **آيين:** ٺ. ذ. [ف] آئينو.
– **آيين پرستي:** ث. بانهپ – بندگي.
– **آيين گاه:** ذ. عورت جي هار سينگار ڪرڻ جو خاص ڪمرو.
• **اَبَ:** ظرف. [سن. آدْيه = اج] هن وقت – هاڻي – هينئر. جهٽ پٽ – نهه ڦهه.
• **اَبُ:** ذ. [ع. آب = ابو] آبو – پيءُ – بابو "جي زبَ ڏئي ته آبَ بہ ڏئي".
• **اَبا:** ذ. [ع. اب] "ابر" جو جمع. بابا. بزرگ. وڏا. شهر يا قوم جا وڏا. (حرف ندا) بابا! ٻڌ! ٻڌايو!
• **اَبابيلُ** ج **اَبابيلَ:** ذ. [ع] پکيءَ جو هڪ قسم (ننڍو جهرڪيءَ جيڏو. جمڙي جهڙو. ڪارا پر. چاتي اڇي ۽ پڇ شاخدار).
• **اِباحت:** ث. [ع] مُباح سمجهڻ جي حالت (هڪ فرقو "اهلِ اِباحت" آهي، جو سڀڪا شيءِ مباح يا حلال سمجهي).
• **اَباڏا:** ذ. هميشه جمع ۽ ڪم ايندڙ لفظ. [ع. اَب = ابو] پيءُ جي پُريءِ وارا. ڏاڏا ٻاڏا. مٽ مائٽ (پي: طرفان) "عُمر ياد آيم، اڄ ڪي، اَباڏا"
– **اَباڏا ڪَڪ:** ذ. پيءُ ڏاڏي جو گهر – مائٽاڻو گهر.
– **اَباڏڪو** ج **اَباڏڪا:** ذ. صفت. اَباڏن جو – ابي ڏاڏي جو – مائٽاڻو.
• **اَباڏو** ج **اَباڏا:** ذ. صفت. [ع. آب = ابو] اَبي جو – بابي جو. ڏاڏي جو – موروثي. مائٽاڻو.
• **اَباهڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – دْر. اُدّار = ڪڍو ڪرڻ. اُجو ڪرڻ. مان ڏيڻ. ڇٽائڻ] ڪڍو ڪرڻ – قائم ڪرڻ – اُجو ڪرڻ – اُپو ڪرڻ – ٻيهارڻ (سڏو). اَدڻ – ناهڻ. ڇٽائڻ – جوتڪارو ڏيڻ – ڇڏائڻ. معاف ڪرڻ – بخشڻ. سلامت رکڻ. برقرار رکڻ. اوباهڻ. (اباهيو – اُباهيندو – اُباهيل).

• **اَبتَ:** ث. [سن. وَنْشِينه] اَبتو پاسو – ٻيو پاسو – ٻيو ٻنه. اَلَتَ – اَبتائي. "سڌو جو ضد". هينيون پاسو. لهندڙ پاسو (درياه جو) – لهوار "آڇاران اَبَت. گهڙج گهاٽيءِ نيڻهن جي" (شاهه). وَ – ڏَنگ.
– **اَبتَ پيرو** ج **اَبتَ پيرا:** ذ. صفت. پيرڙيو جاول يار – اڀ پيرو. نحس – چندو.
– **اَبتِ سُبتِ:** ث. مٽيون هينيون پاسو (ڪپڙي جو). اَتل پَتل – اَلَتِ پَلَتِ. (ظرف) اُبتو سبتو. گڏ وڇڙ. هيٺ مٿي.
• **اَبتائو** ج **اَبتائا:** ذ. اُبداٽو.
• **اَبتائڻ:** مصدر. [سن. وَنْشِيس] اَبتو ڪرڻ – اَلتائڻ – اَتلائڻ – اندريون پاسو ڦيرائي باهر ڪرڻ. اونڌو ڪرڻ. لِيتائڻ. بگاڙڻ. ڪاڙڻ. گمراه ڪرڻ. ناپاڪ ڪرڻ. (اَبتايو – اَبتائيندو – اَبتايل).
• **اَبتائي** ج **اَبتائيون:** ث. اَبت – اَلَت – اَلتائي. ڦيرَ – ڏنگ. برخلافي. بي حيائي.
• **اِبتدا:** ث. [ع] شروعات – آغاز. آرنڀ. مُنڊ – مُنڍهن – مُهڙ – اوّل. مُهاڀ. اڳياڙي "اِنتها" جو ضدَ.
– **اِبتدا ڳڻڻ:** شروعات ڪرڻ – آرنڀ ڪرڻ.
– **اِبتداء:** ظرف. شروع کان – اوّلا.
– **اِبتدائي:** صفت. شروعاتي – اوائلي.
– **اِبتدائي تعليمُ:** ث. پار جي شروعاتي تعليمُ – Primary education.
• **اِبتداع:** ث. [ع] بدعت. ڪا ڪاڍه نئين سرڪرڻ.
• **اَبتَ ڏاڻي ڏاڙهيو:** ذ. صفت. اَبتي ڏاڻ وارو. هڪ قسم جي عيب وارو (گهوڙو). جنهن جي آمهون سامهون ڪنڌائتن پيرن تي اڃا تڪا هجن. عام وهم موجب نياڳو گهوڙو. (ث) اَبت ڏاڻي.
• **اَبتَ ڏاوَ:** ذ. صفت. اڇن پيرن وارو (گهوڙو) ابت ڏاڻو.
• **اَبتَا:** اوبار.
• **اِبتذال:** ذ. [ع] بي اعتباري – منهن اگهاڙائي. ٻاڻ کي سستو ڪرڻ. رذالت.
• **اَبتَر:** صفت. [ع. بَتَر = ٻڌ وڍڻ] ٻڌ وڍيل. بي اولاد. اڌين – بي بهڄ. بَدْتَر. سڀ کان ويل – نڪمو. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ زحاف جو نالو – شعر جي وزن ۾ ڪميءَ سبب پيدا ٿيل تغير.
– **اَبتري** ج **اَبتريون:** ث. بي پهچي – اڌينائي. خرابي. تباهي – بربادي. زوال. مفلسي. بي بندوبستي.
• **اَبتو:** ظرف. اُبتيءَ طرح – اُلٽي نموني – برعڪس – ضدَ. "سُڌو" جو ضد.

ـ **اَبتَرُ سُبتَرُ:** ظرف. اَلتو سَلتو – اَبتو سبتو – اونڌو سونڌو – اَلٽ پَلٽ.

• **اَبتَ كُنڊي، كُنڊڙي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم – اَبتن كنڊن واري ٻوٽي – گدڙ ول.

• **اِبْتِلا:** ث. [ع] آزمائش – پرک – امتحان.

• **اَبتو ج اَبتا:** ذ. صفت. [سن. وِتَشيٰيه] اَبت وارو – اَلتو. برعكس – اَبتڙ. بيءَ طرح. مخالف ڏنگو. پوٽي. 'سُبتو' جو ضد.

ـ **اَبتا تويا ڏيڻ:** غلط طريقو اختيار كرڻ. اڌايا كم كرڻ – اجايو خرچ كرڻ.

ـ **اَبتا واهَڙ ڪرڻ:** اڌائي كوشش كرڻ. بي نتيجي زور لائڻ.

ـ **اَبتو اَنگ:** ذ. اَلتو اكر. كوڙ بَدوڙ.

ـ **اَبتو تويو:** ذ. تويي جو هڪ قسم (هڪ پاسي سُنو ۽ ٻئي پاسي خراب نظر ايندڙ تويو). عام دستور جي خلاف قدم – اجايو قدم – بي فائدو ڪم.

ـ **اَبتو پير كَنڻ:** اڌنگو پير كڍڻ – اڌنگو ڪم كرڻ – خراب روش هلڻ. گمراهه نمونو ۽ هلڻ ڪَڏا ڪرتوت كرڻ. اجايو خرچ كرڻ.

ـ **اَبتو سُبتو ج اَبتا سُبتا:** ذ. اَلتو سَلتو.

ـ **اَبتو قِرڙ:** ٻئي پاسي قرڙ – ٻَئي ۽ ذي منهن كرڙ – ٻنيرو ٽيڻ.

ـ **اَبتو قَلَمُ وهائڻ:** غلط فيصلو كرڻ – بي انصافي كرڻ.

ـ **اَبتو كَرڙ:** سُبتو پاسو هيٺ ۽ هيٺيون پاسو مٿي كرڻ. اٽلائڻ – التائڻ.

ـ **ابتو كري لنگڻ:** سيڪت ڏيڻ – سزا ڏيڻ.

ـ **اَبتو گهمرو ڏيڻ:** اَبتو قيرو كائڻ. اَٽلي ٻوڙ. سخت نقصان پهچائڻ. دوستيءَ بدران دشمني پيدا كرڻ.

ـ **اَبتڙ ج اَبتيُون:** ث. صفت. ظرف. 'اَبتو' جو مؤنث. اَلتي – اونڌي.

ـ **اَبتڙ تسبيح پڙهڻ:** بد دعا كرڻ – پٽڻ.

ـ **اَبتي پَتي پڙهائڻ:** غلط رستو ڏيكارڻ – برغلائڻ.

ـ **اَبتي ڪاتي وهائڻ:** سخت ظلم كرڻ.

ـ **اَبتي ڪاتي، سان ڪُهڻ:** دستور خلاف ٽوري اڳهه واري شيءِ وڏي اڳهه تي وڪڻڻ – وڪري ۾ سخت كس لائڻ. انصاف جي برعكس فيصلو كري كنهن ڏر سان ناحق كرڻ.

ـ **اَبتي كُنڊَ:** ث. جاميتريءَ جي اصطلاح ۾ ۱۸۰ درجن كان مٿي ۽ ۳۶۰ درجن كان گهٽ ماپ واري كُنڊَ.

ـ **اَبتي كَلَ لاهڻ:** ٽوريءَ قيمت جي عوض تمام گهڙي قيمت وصول كرڻ. تمام گهڻو نقصان پهچائڻ. تمام گهٽي جَت كرڻ.

ـ **اَبتي گنگا وهائڻ:** عام قانون يا دستور جي اَبتڙ كم كرڻ.

ـ **اَبتي گالهه بڏائڻ:** كوڙ گالهائڻ. دل جو پيد نه ڏسڻ.

ـ **اَبتي مُشابهَتَ:** ث. غلط تشبيه ـ غلط مناسبت.

• **اِبْتِهاج:** ث. [ع. بَهَجَ] خوشي – سَرهائي.

• **اِبْتِهال:** ث. [ع] گِريه سان عبادت كرڻ جي حالت.

• **اَبْتَنُ:** مصدر. [سن. اَدوَرْتَنْ] بدن تي هڪ صاف ڪندڙ جوڙڻ يا ٻڌڻ. ڪَپ لڳائڻ – اَبْتَنُ ڪرڻ.

• **اَبْتَنُ ج اَبْتَنُ:** ذ. [سن. اَدوَرْتَنَ] آتي. مهلب ۽ خوشبوين جو مركب (جنهن سان مُنهن كي ۽ بدن كي مهٽي صاف كجي) – شاديءَ وقت ڪنوار جي بدن كي مهٽڻ ۽ صاف كرڻ لاءِ آتي. مهلب ۽ بين خوشبوين مان ٺهيل چورڻ – اَبتَنُ – پيٽي (ل) – باتڻ (سرائڪي).

• **اَبْتَنُ:** مصدر ر. [سن. اَدْيَتْ] بيهڻ – ڪَرڙ ٽيڻ ـ اَبتهُ. محكم ٽيڻ – قائم ٽيڻ "جوڙ اَبتو جوءِ. آءُ اهوئي آهيان" (شاهه). (اَبتو – اَبتيل).

• **اَبْجَدُ:** ذ. ث. [ع] گِنائيتي جي ترتيب موجب عربي الف ب مان ٺهيل اٺ لفظ (اَبْجَدُ < ا = ۱ + ب = ۲ + ج = ۳ + د = ٤؛ هَوَّزُ < هـ = ٥ + و = ٦ + ز = ۷؛ حُطِّيْ < ح = ۸ + ط = ۹ + ي = ۱۰. كَلَمُنْ < ك = ۲۰ + ل = ۳۰ + م = ٤٠ + ن = ٥٠؛ سَعفَصْ < س = ٦٠ + ع = ۷۰ + ف = ۸۰ + ص = ۹۰؛ قَرَشَتْ < ق = ۱۰۰ + ر = ۲۰۰ + ش = ۳۰۰ + ت = ٤٠٠؛ ثَخَذْ < ث = ٥٠٠ + خ = ٦٠٠ + ذ = ۷۰۰ + ضَظَغْ < ض = ۸۰۰ + ظ = ۹۰۰ + غ = ۱۰۰۰).

ـ **اَبْجَدُ خَوانْ:** ذ. صفت. الف – بـ سكندڙ سيكڙات – نوَ آموز – اَلهڙ.

• **اَبْجِيْ:** اسم خاص. نوشهري ۽ جوهيءَ تعلقن ۾ ڪن گونن جو نالو.

• **اَبْحَرُ:** ذ. [ع. بَحار ج اَبْحُره] بَحارَ – باڦون – اَبَهُن.

• **اَبْخَلُ:** ذ. صفت. [ع] سڀ كان وڌيڪ بخيل.

• **اَبَدُ:** ذ. [ع] اُهو وقت جهن جي شروعات معلوم ناهي. (ظرف) سدائين – هميشه – اَناد. 'اَزَلُ' جو ضدُ.

• **اَبَدُ الاباد:** صفت. شروع كان ونيِ. هميشه – سدائين. قائم.

• **اَبَدِيْ ج اَبَدِيْ:** صفت. شروعاتي. مَنڊ كا ونيِ قائم رهندڙ. بقا وارو – فنا نه ٿيندڙ.

• **اَبَديّت:** ث. هميشه رهڻ جي حالت – هميشگي.

• **اِبْداعُ:** ذ. [ع. بَدَعَ] نئين سر خلقڻ جي حالت.

• **اَبْدالُ ج اَبْدال:** ذ. صفت. [ع. بَدَلَ] ٻئي جي پاران ڪم كندڙ – عيوضي. (خدا جا جوندين ٻانها (ڪن جو وهر آهي نه اهي جملي ستر آهن. جن مان چاليهه جڻا شام ۾ ۽ باقي ٽيهه دنيا جي ٻين حصن ۾ پكڙيل آهن: جڏهن انهن مان ڪو مري ٿو تڏهن انسان ذات مان هڪ ٻيو مقبول بندو سندس جاءِ وٺي ٿو). خدا جي محبت ۾ دنيا كان پري ٽيل مائهو – اَلهڙ لوڪ مجذوب يا مست فقير. (اسر خاص) درويشن جو هڪ گروهه

• **اِبْدالُ:** مصدر. [ع] بدل سدل ڪرڻ – قير گهير ڪرڻ. (ذ. ث) متا سٽا – بدل سدل.

• **اَبْدالِي:** اسم خاص. پٺاڻن جي هڪ قوم جو ماڻو (جنهن جا چار پاڙا: ۱. محمد زئي. ۲. فاضل زئي. ۳. بارڪ زئي ۽ ٤. آلڪ زئي. اَبْدالِي هاڻي "دُرّاني" ۾ سڏجن ٿا).

• **اَبْدان:** ذ. [ع. بَدَن ج اَبدان] جسم – بدن.

• **اَبْدانَ ج اَبْدانُ (ل):** ذ. اَبدانو.

• **اَبْدانو ج اَبدانا:** ذ. سُٿڻ. پاجامي يا پڙي ۾ اڳ ۾ پوڻ وارو حصو – نيفو.

• **اَبَدو:** ذ. [اَوَدٌ < اَ = نہ + وَدَ = قائمون] بي قاعدي – اجوڳ. [ع. عَرْبَده] جهيڙو – جهڪڙو. [سن. بُدْ بُدَهْ] بَد بُدو – بوڑيو.

ـ **اَبَدا اَبَدِيْ:** ٿ. هميشہ. لاءِ ڪيل خدائي (ڪاوڙ سڀان مائٽن وغيره سان).

ـ **اَبَدا اُڌارَ:** هُل هُلائڻ – انواه اڌارو.

• **اَبَدو اَبَدو ليَنْ:** وڙهي ڌار ٿيو – ڦٽو. دشمني وهائڻ.

• **اَبْدُوتْ، اَبْدوت:** ذ. [سن. اَوَدُوتَ < اَو + دُوَ = چندڻ] دنيا ڪان تارڪ – تارڪ الدنيا. يوگي – سنياسي. شوَ جو پوجاري. (اسم خاص) جوگين جو هڪ گروه.

• **اَبْرُ ج اَبْرُ:** ذ. [ف. اَبْرْ: سن. اَبْرَ = (اَبْ = پاڻي + بِرَ = پِرَڻ) پاڻيءَ پريل] ڪڪرُ – بادل – ميگهہ – ودَر "پاڙو پٽي نہ پيڙي. اَبَرَ آسارَوس" (شاهہ).

ـ **اَبْر باران:** ذ. برساتي ڪڪرُ. وَسندڙ ڪڪرُ.

ـ **اَبْر بهار:** ذ. بهار جي موسم ۾ وسندڙ ڪڪر – اَبْر بهاري.

ـ **اَبْر رَحْمَت:** ذ. رحمت وارو ڪڪر – ماڃهہ جو ڪڪرُ.

ـ **اَبْر سياه:** ذ. ڪارو ڪڪرُ – ڪارونيار ڪڪرُ.

ـ **اَبْر غَليظ:** ذ. گهاٽو ڪڪر.

ـ **اَبْر گُرَم:** ذ. ماڃهہ جو ڪڪرُ.

ـ **اَبْر مُرْدَهْ:** ذ. سمند جي پيدائش جو هڪ قسم (ريڙ جهڙو سوراخدار جسم) – ڪڪرُ – اسفنج.

ـ **اَبْر هطير:** ذ. مينهن وارو ڪڪر – وسندو ڪڪرُ.

ـ **اَبْرَيْشَمْ:** ذ. موتي پيدا ڪندڙ ڪڪر. (جو بهار جي موسم ۾ وسي؛ جون تا ٿ سيون آن مينهن جي ڦڙن کي جهڙي موتي پيدا ڪن ٿيون ۽ پڻ انهيءَ مينهن جو ڦڙو. ڪيلي. ۽ ڪافور ۽ ڪاري نانگ ۾ زهر پيدا ڪري ٿو).

• **اَبْرَن، اِبرَنْ:** ذ. زيور – ڳهڻو.

• **اَبْري:** ذ. صفت. ڪڪرن وارو – جهڙالو.

• **اِبْرْ:** ث. [ع. اِبْرَة] سُئي (۱) "ڪيئن تويايان ڪن. آباڻيءَ اِبَر ري" (۲) "ٻهر جاپي جاڻ. اِبْر جي اوصاف کي" (شاهہ). تيزاب سان لوهي هٿيار تي ڏنل نشان. جوهر شمشير.

• **اَبْرار:** ذ. صفت. [ع. بَرّ ج اَبْرار] پلارا – نيڪ – صالح. تابعدار (ماءُ پيءُ جا). اولياءَ.

• **اِبْراز:** ذ. [ع] ظاهر ڪرڻ – باهر ڪڍڻ. فضلات کي جسم کان خارج ڪرڻ.

• **اِبْرامُ:** ذ. [ع. اِبْرام = رَسي وٽڻ. اصرار ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ] سٽا – نيزاري – وينٽي – التماس.

• **اَبْراهْ (ث):** ذ. صفت. اڻ ڏيکيل – اڻگهاڙو "ڪاٽو پيرين اَبراهْ پيو هلي".

• **اِبْراهِيْمُ:** اسم خاص. [ع] مشهور پيغمبر سڳوري جو ماڻو ("آزر" جو پٽ ۽ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق جو پيءُ؛ لقب "خليل الله"؛ نمرود ڪيس آڏاڻ ۾ وڃايو؛ 'ڪعبة الله' جو معمار ۽ اسلامي 'ملت' جو باني). سنڌ ۾ مردن جو عام ماڻو (اڪثر بلوچن جي مختلف قبيلن. مثلاً ڪلمتين ۽ لغارين. ۽ جتن جي شاخن جا وڏا ڏاڏا 'ابراهيم' نالي هئا. انهيءَ ڪري اهي شاخون 'براهماڻي' سڏجن). لس بيلي جي شيخ گهراڻي جي مشهور سنڌي شاعر جو ماڻو "شيخ ابراهيم".

• **اِبْراهِيْمُ پٽاڻِيْ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهہ جو ماڻو.

• **اِبْراهِيْم ڇهر:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو ماڻو.

• **اَبْرائڻ:** مصدر. اوبارڻ. اوبارڻ – ڇهڪائڻ (اَبرايو – اَبرايل).

• **اَبْرَصْ:** ذ. صفت. [ع. بَرَص = ڪوڙهہ] ڪوڙهي – ڪوڙهيو.

• **اَبْرَقُ ج اَبارِقُ:** ذ. [ع. بَرْقَ = وڃ: سن. اَبْرَ: ف. اَبْرَڪ] معدني پيدايش جو هڪ قسم (چمڪندڙ ۽ منجهس ڪيئي تهہ ٽين: جبلن مان ليپي ۽ باهہ ۾ نہ سڙي: ابرق جا ورق شريت ۽ وجهن ۽ مٺائيءَ جي مٿان سهڻائيءَ خاطر رکن: ابرق کي ڪٽي ڄوري ڪري ڪپڙن تي چمڪي لاءِ هڻن) پَوَرَ – اَبْرَڪ.

ـ **اَبْرَقي:** ذ. صفت. ابرق وارو – ابرق جو – اَبرق جهڙو.

• **اَبْرَڪ ج اَبْرُڪ:** ذ. اَبْرَقُ.

• **اَبْرَڪَرْ:** مصدر. [۱. سن. شڪر = ڪرڻ ۲. سن. اُتسوَپَنايَ = نند ۾ گالهائڻ] وڪلڻ. اَڪرڪرُ. واڪرُ.

• **اَبرَنْوِيْ:** ذ. سنڌ جي "سينگار" شاعريءَ جو اصطلاح. عورت جا هڙاڏو هار سينگار. "قطري سونهن جي سينگار" جو ضد.

• **اَبْرُڻ:** مصدر. [سن. اُدْوَرْتَ = اوبر] اوبارڻ – اوبارو ٿيڻ "جاڻ ڪي اَتان اَبريو. تان قرض ماٿهن لاءِ" (گرهوڙي). (ابريو – اَبرندو – اَبريل).

• **اَبْرُوْ ج اَبْرُوْ:** ذ. [فـ اَبْرُو، سن. بْرُو] اک جي مٿان وارن جي ڪمان – پروڻ.
ـ **اَبْرُوْدَرَخْتْ لِيْنْ:** منهن ۾ گهڻيج پوڻ – ڪاوڙجڻ.
ـ **اَبْرُوْ ڪَمان:** صفت. جنهن جا پُروڻ ڪمان وانگر وريل هجن – حسين. (اصطلاحاً) معشوق.
ـ **اَبْرُوْ ۾ ڏِڪَڏُوْ:** شوخ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ، ڪنو ٿيڻ.
• **اَبْرُو ج اَبْرا:** ذ. [سن. آواپَنْ = اوبڙ، اوبڙ يا اٽڻ جو اوزار] سَٽ ويڙهڻ جي چرخي – اوبڙو – اوبرو. اَڌ جو هڪ حصو. ڪوهه مان ٻيل ڪيندڙ ڇڪرو.
• **اَبْرُ:** ذ. [ف] ڪوٽ يا پوستين جو مٿيون ڪپڙو – "اُسْتَر" جو ضد.
• **اَبْرَهَهْ:** اسم خاص. [ع. اَبْرَهَة] حبش ملڪ جي بادشاه جي هڪ نائب ۽ سپه سالار جو نالو (جنهن اسلام کان اڳ هاٿين جي لشڪر سان ڪعبي شريف تي ڪاهه ڪئي. هٿي، پر اڌ وات تي خدا جي حڪم سان، ابابيل پکين پٿرين جو وسڪارو ڪري لشڪر کي برباد ڪري ڇڏيو.)
• **اَبْرِي:** صفت. [ف] ڳڙ جي رنگ جهڙو.
ـ **اَبْرِي ڪاغَذْ:** ذ. سنهون ڪاغذ. ڪاغذ جو هڪ قسم – ڪتابن جي جلد تي لڳائڻ لاءِ ڪر ايندڙ رنگدار ڪشمري ڪاغذ – روغني ڪاغذ.
• **اَبْرِي ج اَبْرِيُوْنْ:** ث. [سن. آواپَنْ = اوبڙ يا اٽڻ جو اوزار] ننڍو اَبرو يا اوبڙو. تاجي ڪيڙ جو اوزار.
• **اَبْرِيشَم ج اَبْرِيشَمْ:** ذ. [فـ ابريسم] ڪجوپٽ – ريشم.
ـ **اَبْرِيشَمي:** صفت. ابريشم مان ٺهيل.
• **اَبْرِيقْ:** ذ. [ع؛ فـ آبريز] ڪونرو – ڪرو – ڪوزو.
• **اَبْرِيو ج اَبْرِيا:** ذ. ڪوهه ۾ ٻيل هٿڻ لاءِ ڪر ايندڙ هڪ (ڪاٺي جو) اوزار.
• **اَبَّا:** ندا. "اَبّا" جو اسم تصغير.
• **اَبّوي اَبوا:** جملو. پار ڪنهن خاص واقعي تي اهو جملو استعمال ڪندا آهن.
• **اَبْڙا:** اسم خاص. سنڌ جي سمات نسل جي هڪ ذات جو نالو. ابڙا قوم جو ڳوٺ.
• **ابڙاسين:** اسم خاص. "ڪچ" ۾ هڪ ڀيل.
• **اَبڙان:** ث. ابڙا قبيلي جي ڳهٽائي واري ابراضي. شهر ۽ ديهه جو نالو.
• **اَبْڙو:** اسم خاص. دودي سومري جو هڪ سمو دوست (جنهن سومرن جي زالن کي پناه ڏني هٿي) "ابڙو اڳهامن ۾ سپڙ جئن ٻيلي" (شاهه).
• **اَبْڙي پوتا:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪري، ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبْڙيجا:** اسم خاص. ابڙا قوم سان نسبت رکندڙ هڪ ذات جو نالو.
• **اَبْڙيجائي:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبْڙي جي ڳرائي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبْڙينگ:** اسم خاص. سمات قوم جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏهڙي، ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبَشْتَرْ ج اَبَشْتَرْ:** ذ. [ع. حَبْس = هوا بندي، واري حالت. مونجهه واري حالت] مونجهارو – ڏيتاڙو.
• **اَبَصْ:** مصدر. ڪنو ٿيڻ.
• **اَبْصار:** ذ. [ع. بَصَر ج اَبْصار] اکيون – نيڻ.
• **اَبْصَرْ:** صفت. [ع. بَصِيْر جو تفصيل] وڌيڪ ڏسندڙ – بيناتر.
• **اَبْطال:** ذ. صفت. [ع. بَطَل (= بهادر) ج ابطال] بهادر مڙس – بانڪا – شجاع – مانجهي.
• **اَبْطَح:** ذ. [ع] نشيب گاه ـ وادي.
• **اَبْطَحي:** صفت. [ع] مڪي شريف جي وادي، ۾ رهندڙ. (اسم خاص) رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جو لقب.
• **اَبْطَل:** صفت. [ع. باطل" مان اسم تفصيل] وڌيڪ باطل.
• **اَبْعاد:** ذ. [ع. بُعْد ج اَبْعاد] فاصلو – ويڇو – وٿي.
• **اَبْعادِ ثلاثه:** ذ. ٽي ويڇا يا فاصلا (ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي يا ٿولهه).
• **اَبْعَدْ:** ذ. صفت. [ع. "بَعِيد" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بعيد يا پري. غدار.
• **اِبْغاضْ:** ذ. [ع] بغض – ڪار.
• **اِبْقاءْ:** ذ. [ع] بقاء – هميشگي يا دوام.
• **اَبْقيْ:** صفت. [ع. "باقي" جو تفصيل] وڌيڪ بقاء وارو – سڀ کان وڌيڪ جڏاءِ ڪندڙ.
• **اَبْكار:** ث. [ع. بِكْر ج اَبْكار] ڪنواريون يا دوشيزه چوڪريون.
• **اَبْكَرْ:** ذ. صفت. [ع] گونگو.
• **اَبْكَ:** صفت. [سن. اَپَكْشَيَ] نه ڪائڻ جوگو (ڪاڏو) – حرام.
• **اَبَلْ:** ذ. ("ابو" مان پيار واري تصغير) بابل – ابو. (اصطلاحاً) پٽرو – بچڙو.
• **اِبِلْ:** ذ. [ع] اُٺ – شُتر.
• **اَبَلاج اَبَلاجُوْنْ:** ث. صفت. [سن] اَبَلا.
• **اِبلاغ م:** ذ. [ع. بَلَغ – پهچڻ] پهچائڻ – رسائي.
• **اَبْلَغْ:** صفت. [ع. "بليغ" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بليغ.
• **اَبْلَق ج اَبْلَقْ:** ذ. [ع] ڪهوڙي جي رنگ جو نالو. اهڙو ڪهوڙو جنهن جي بدن تي وڏا اڇا ڪڙا (= ڪارو ابلق) يا اڇا ۽ ڳاڙها (= ڳاڙهو ابلق) ڏڙڪ هجن.
ـ **اَبْلَقِ چَشْم:** ذ. صفت. ڪارين اڇين اکين وارو.
• **اَبْلَهْ ج اَبْلَهَ:** ذ. (ع) صفت. ڇسو – بيوقوف – ٻوڪ – احمق – ٻرڳهلو.

ـ **اَبَلْهَانْ:** ظرف. بيوقوفي واري نموني ۾.

ـ **اَبَلْهِي:** شه بيوقوفي ـ نادانيءَ ـ ڇسائي.

• **اِبْلِيس ج اِبليس (اَبالسه):** ذ. صفت [ع. بَلَس= نااميد ٿيڻ] وڏي شيطان جو نالو (جو پهريائين عبادت ڪري ملائڪن مقربن جي درجي کي پهتو پر پوء حضرت آدم کي سجدي نه ڪرڻ ڪري لعنتي ٿي بهشت مان ڪڍجي نڪتو) ـ شيطان ـ شريرلعنتي ـ ڪڙيل.

• **اِبْلِيسَائَه:** ظرف. ابليسي نموني.

• **اِبْنْ:** ذ. [ع. اِبْن] پٽ ـ پسر. نالي اڳيان اچي ڪُنْيَتْ پيدا ڪندڙ لفظ "ابن العربي".

ـ **اِبْنْ آدَم:** ذ. آدم جو پٽ. آدم زاد. انسان ذات. ماڻهو ـ آدمي.

ـ **اِبْنُ السَّبيل:** ذ. واٽهڙو ـ مسافر.

ـ **اِبْنُ العِنَبّ:** ذ. انگور جو پٽ. شرابُ.

ـ **اِبْنُ الغَرَض:** ذ.صفت. مطلب جو پٽ. خود غرض ـ خود مطلبي.

ـ **اِبْنُ الغَيبْ:** ذ. صفت. مجهول النسب ـ پوءِ ڄائو.

ـ **اِبْنُ الْوَقْت:** ذ.صفت. وقت جو پٽ. وقت موافق هلندڙ ـ وقتي دوست. خود غرض.

• **اِبنُ الوَقت ٿيڻ:** خود غرض يا پنهنجي مطلب جو يار ٿيڻ.

• **اَبَنّاسُ:** ذ. [سن. اَ = نه + ونَاشَ = فنا يعني ناس نه ٿيڻ واري حالت] دوام ـ هميشگي ـ غير فنائيت ـ اَبديّت.

ـ **اَبَناسي:** صفت. ناس نه ٿيندڙ ـ غيرفاني ـ لازوال ـ اَمر. سدا رهندڙ ـ اَبَديَ ـ سرمدي ـ قيّوم.

• **اَبْناء:** ذ. [ع. اِبْن ج اَبناء] پٽ.

ـ **اَبناءِ جنس:** ذ. بني نوع ـ بني آدم ـ ادم ذات.

• **اَبناءِ جنّ و اِنس:** ذ. جنّ ۽ انسان.

• **اَبناءِ جَهان:** ذ.ماڻهو. جانور ۽ پوٽا.

• **اَبناءِ دَهْر:** ذ. همعصر ـ معاصر ـ سهيوگي.

• **اِبنُ الْبَيطار:** اسر خاص. عبدالله بن احمد ابن البيطار. اسپين جي شهر ملاگا (مالقه)۾ڄائو ۽ ١٢٤٨ ع ڌاري دمشق ۾ وفا ڪيائين. اسلام جو مشهور نباتاتي ماهر ۽ عطار. سندس ڪتاب "جامع" ۽ "مغني" غذائن ۽ بوٽين تي مشتمل جي لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيا.

• **اِبنُ الْعَرَبي:** اسر خاص. ابوبڪرمحمد بن علي محيّ الدين ابن عربي. اسپين جي مشهور شهر مرسيه ۾ ١١٦٥ ع ڌاري ڄائو ۽ ١٢٤٠ ع ڌاري دمشق ۾ وفات. تمام وڏو صوفي تنهنڪري کيس "الشيخ الاڪبر" جو لقب. سندس ٻه مشهور تصنيفون "الفتوحات المڪيّه" ۽ "فصوص الحڪم" آهن.

• **اِبنُ الفارض:** اسر خاص. عمر بن الفارض (١١٨١ ـ ١٢٣٥ ع)، عربي ادب ۾ وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر. سندس شعر جو اثر سڀني موخّر شاعرن تي ٻيو. سندس جي بزرگ گرهوڑيءَ جي "حقيقت محمدي" واري ڪلمي ۾ ٻه سندس اثرجي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

• **اِبنُ الْهَيثَم:** اسر خاص. ابو علي الحسن ابن الهيثم. علم المناظر (درشتي وديا. اکين جو علم) جو وڏو ماهر. پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن سان ڪيترائي غلط خيال درست ڪيائين.

• **اِبنُ خَلدُون:** اسر خاص. عبدالرحمان ابن خلدون. اسپين جي هڪ مشهور عرب خاندان مان تونس (مغربي آفريقه) ۾ ١٣٢٢ع ۾ ڄائو ۽ قاهره ۾ ١٤٠٦ ع وفات ڪيائين. اسلام بلڪ ساري دنيا جو پهريون اجتماعي فيلسوف آهي جو پنهنجي معرڪة الارا تصنيف "مقدمه" جي ڪري مشهور آهي.

• **اِبنُ خَلّكان:** اسر خاص. قاضي شمس الدين احمد بن محمد ابن خلكان. سندس ڪتاب "وفيات الأعيان" جنهن ۾ هن ٨٦٥ عالمن. فاضلن. اديبن. فقيهن. فيلسوفن وغيره جون سوانح عمريون وڏيءَ تحقيق سان لکيون آهن.

• **اِبنُ رُشْد:** اسر خاص. اندلس جي مشهور مسلم فيلسوف جو نالو (وفات ١١٩٨ ع). ارسطو جي تصنيفات جو شارح. علم هيئت ۽ فن طب جو ماهر.

• **اِبن زِيادْ:** اسر خاص. بنو اُميّه جي دور ۾ ڪوفي جو حاڪم. علوي خاندان جو وڏو دشمن.

• **اِبنُ سيرِيْن:** اسر خاص. "تابعين" مان. خوابن جي تعبير جو ماهر ۽ هڪ برگزيده شخص.

• **اِبْن سينا:** اسر خاص. "اَبُوعلي سينا".

• **اِبنُ طُفَيل:** اسر خاص. ابوبڪر محمد ابن عبدالملڪ ابن طفيل (وفات ١١٨٥ ع)، ارسطاطاليسي فيلسوف. موحّد بادشاهه ابو يعقوب يوسف جو وزير ۽ مڪي طبيب ۽ پڻ ابن رُشد جو مربّي ۽ دوست. سندس مشهور تصنيف "حيّ بن يقظان".

• **اِبن مَرْيَم:** اسر خاص. حضرت بي بي مريم جو پٽ (حضرت عيسيٰ عليه السلام).

• **اَبُوْ:** حرف ندا. افسوس يا عجب جي اظهار جو لفظ.

• **اَبو ج اَبا:** ذ. [ع. اَب = اَبو] پيءُ ـ بابو ـ پتا ـ والد ـ پدر. شهر يا قوم جو وڏو. بزرگ. اڳواڻ.

ـ **اَبا ڏاڏا:** ذ. وڏا (ڏاڏائي آکيه جا). خاندان جا باني. بزرگ.

• **اَبو اُما:** ذ. پيءُ مائ ـ والدين.

• **أبو ذاذو:** ذ. پي، ذاذو – وڏو مائٽ – خاندان – قبيلو "أبو ذاذو گهور، پاڻ سُوڏو پرين تان" (شاهه).

ـ **أبي پڇايو:** ذ.صفت. پي، جو پٽيل – ناخلف پٽ.

• **أبُو:** ذ. [ع] پي، – أبو. نالي جي اڳيان اجي كُنيت پيدا ڪندڙ لفظ "ابُو بَكْر، أبُو تُرابَ، أبو هريره".

• **أبْواب:** ذ. [ع. باب (= در) ج أبوابُ] دروازا. ڪتاب جي متن جا ترتيب وار پاڳا. داستان. ڏِڻ جي وصولي، مان حاصل ڪيل رقم. لوازمو – اجورو – لاڳو.

• **أبُوالبَشر:** اسر خاص. انسان ذات جو پي، (حضرت آدم عليه السلام).

• **أبُوالحَسَن:** ذ. [ع]. "ڪُنيت طور استعمال ٿيندڙ اسر حسن جو پي،" (اسر خاص) سنڌ جي ڇٽن مشهور عالمن جو نالو: (١) ابوالحسن اول جنهن "مُقدمة الصلواة" سنڌي، ۾ لکيو جو "ابوالحسن جي سنڌي" جي عام نالي سان مشهور آهي: (٢) ابوالحسن ڪبير "صحاح ستّه" جو شارح،مديني شريف ۾ حديث جي مدرسي جو باني ۽ آخري ٿي وَفات ڪيائين: (٣) ابوالحسن صغير. جو وڏي ابوالحسن (ڪبير) جو شاگرد ۽ ڪانڀ پوء، مديني شريف واري مدرسي جو مُهتمم ٿيو: (٤) ابوالحسن ڏاهري. مقامي طور "حاجي ابوالحسن" جي نالي سان مشهور. فقه ۽ تصوف جو وڏو عالم ۽بلند پايه جو مصنّف. سندس تصنيفن مان "رسالة الفرية والمرية" (خريد و فروخت جي شرعي احڪامن بابت)، "سراج المصلي" (فارسي نظر) ۽ اسلامي تصوف تي ڪتاب "ينابيعَ الحياة الأبَدية" مشهور آهن.

• **أبُوالحَياء:** اسر خاص. اسلام جي ٽئين خليفي حضرت عثمان رضه جو ڪُنيو. يعني "حياءجو پي،". ڇاڪاڻ ته هو حلم ۽ حيا جو صاحب هو.

• **أبُوالفَضل:** اسر خاص. مغل شهنشاه جلال الدين محمد اڪبر ج خاص وزير، شيخ مبارڪ ناگوري، جو پٽ ۽ فيضي، جو ننڍو پاڻ. "اڪبر نامه" ۽ "آئين اڪبري" جو مصنّف: سندس خاندان جي اوائلي سڪونت سيوهڻ.

• **أبُوالهَول:** اسر خاص. مصر ۾ قديم زماني جو پٿرائون وڏو بُت (جنهن جو منهن زال جهڙو ۽ ڏڙ شينهن جهڙو آهي) ـ سفنڪس (Sphinx).

• **أبُويارَ ج أبُويارَة:** ذ. ڏڪ – تڪليف – رنج. مُشڪل.

• **أبَويَحْرَ ج أبَويَحْرة:** ذ. [ع. أبو = پي، + بحْر = سمنڊ. يعني سمنڊ جو پي،] ڏُکي ڇالهه. بکوات – يخيّ ـ جهڳ.

ـ **أبُو بَحْر بَكْر:** آب ڦاڙ – اجايا ڪوڙ ڪُٽ – وڏا زت هٽ. بکوات ڪوڙ.

ـ **أبُو بَحْر ۽ بوڙ:** وڏي يا ڏُکي ڇالهه. ڪوڙ. اجائي بَڪ ڪوڙ.

• **أبُو بَكْر:** اسر خاص. عبدالله بن أبي قُحافه (وفات سنه 12 هجري). حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو سُهرو ۽ وڏو يار. ڪانڀ پوء سندن جاءِ نشين ۽ اسلام ۾ پهريون خليفو.

• **أبُوتُٹ:** شه [ع] پٽيتائي – پي، جو ٽڳ.

• **أبُوتُرابه:** اسر خاص. حضرت علي ڪرم الله وجه جو ڪُنيو يعني "مٽي جو پي،". (اڪثري زمين تي سُهڻ ڪري حضور صلي الله عليه و آله وسلم ڪيس هن ڪُنيه سان نوازيو).

• **أبُو پوڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **أبُو جَهْل:** اسر خاص. عرب قوم جي سردار ۽ اسلام جي جاني دشمن جو ڪُنيو. اصل نالو عمرو بن هَشام، يعني "تاداني، جو پي،". (هي ڪُنيو مڙس ان ڪري پيو جو هن اسلام کي جاڻي ٻُجهي نه سمجهڻ خاطر پنهنجي قلب تي اَڻ جاڻائي جا ڪڙا ڪفل جاڙهي ڇڏيا هئا).

• **أبُو حَفْص:** اسر خاص. اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر بن الخطاب رضه جو ڪُنيو. يعني "حفصة جو پي،". (سندس نياڻي بيبي حفصة حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي گهر ۾ هئي.

• **أبُو حَنيفه:** اسر خاص. فقه جي وڏي اِمام حضرت نعمان رضه جو ڪُنيو.

• **أبُو دَرْداء:** اسر خاص. هڪ نهايت پاڪباز صحابي، جو نالو.

• **أبوذَرّ:** اسر خاص. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هڪ دلير صحابي، جو نالو (وفات سنه ٣٢هـ). حضرت عثمان جي زماني ۾ ڪيس مديني کان ٣ ميل پري ربذه جي بريت ۾ شهر نيڪالي ملي.

• **أبُوزَكْ:** مصدر. [سن. آپ + تي + أكْش - پُرڪڻ] پُرڪڻ (لوڻ يا مصالحو مڇي، وغيره تي) – لُوڻ ڏيڻ – چڙڪڻ.

• **أبُو رَيحان:** اسر خاص. مشهور سائنسدان ۽ محقّق "محمد بن احمد البيروني" جو ڪنيو (أبُو ريحان = نازبو، جو پي،). خوارزم جو باشندو (وفات سنه ٤٣٠هـ): علم هئيت، رياضي، نجوم طبقات الارض ۽ جواهر شناسي، جو ماهر: عربي، يوناني، سرياني، فارسي، ۽ سنسڪرت زبانن جو وڏو عالم: قديم سنڌ جي ايراضي، اندر خصوصاً ملتان واري علاقي ۾ هندن جي تمدن ۽ تهذيب جو ڳوڙهو مطالعو ڪري "ڪتاب الهند" لکيائين. جنهن ۾ ڏينهن، مهينن ۽ ڪن شين جا عام نالا جي اُن وقت مُروج هئا سي ڪمر آندا اٿس ۽ اهي سنڌي بولي، سان تعلق رکن ٿا ۽ سنڌي بولي، جي قدامت ۽ لغوي وسعت جو پتو ڏين ٿا: بيون سندس مشهور تصنيفون "الآثار الباقيه" ۽ "قانون المسعودي" آهن.

• **اَبُوزَر:** اسم خاص. ("ابو" مان اسم تفيي) مرد جو نالو.

• **اَبُوزَيد:** اسم خاص. هڪ وڏي فصيح ۽ بليغ حڪيم جو نالو "ابوزيد بلخي"، جو بلخ شهر جو باشندو ۽ شطرنج جو وڏو ماهر هو.

• **اَبُوصَمَد:** اسم خاص. (حقارت جو لفظ) لاڏلو - ناز پروردہ.

• **اَبُوطالِب:** اسم خاص. حضرت علي رضہ جي والد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي چاچي جو نالو.

• **اَبُو عَلِي سينا:** اسم خاص. اَبُو عَلي الحسين بن عبدالله بن سينا (وفات سنہ ۱۰۳۷ ع)، مشهور فيلسوف ۽ زماني جو يگانو حڪيم، طب تي سندس لکيل اصولي ڪتاب "قانون" سترهين صديءَ تائين يورپ جي يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو. طبي دنيا ۾ سندس عزت پريو لقب "شيخ الرئيس" آهي.

• **اَبُو قَلمون (بُوقَلمون):** صفت. رنگ برنگي. ڦرٽو ڦهرٽو. (ذ) ساندو (جو اُس ۾ پنهنجا ورن متائيندو آهي). پَٽ جو هڪ قسم.

• **اَبُو كِرو ج اَبُو كِرا:** ظرف. [سن. اَوْرْدَو = مٿي + كُشَرَ = گر. ڪڙي: پرا. اَپ] اُپيءَ ڪڙيءَ تي - تڪڙو. اُباهرو - اُڇنڙو. اُڦرنگڙو - ڏُپي نہ پريل. هري هري.

• **اَبُو نَصْرفارابي:** اسم خاص. مشهور مسلم فيلسوف (وفات ۹۵۰ ع)، کيس "المعلمُ الثاني" (ٻيو نمبر استاد) جو لقب مليل هو. سندس مشهور تصنيف "المدينة الفاضلة" آهي.

• **اَبُو هُرَيره:** اسم خاص. رسول صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي هڪ وڏي اصحابيءَ جو ڪُنيو، يعني "ٻلي ءَ جو پيءُ" (جو نہ هو ٻلين کي گهڻو پائيندو هو).

• **اَبَوي:** صفت. [ع. "اَبُو" جي نسبت] پيءُ جو - پٽيتو "ابوي محبت".

• **اَبَوي مثال:** صفت. پيءُ جهڙو.

• **اَبَوي محبت:** ذ. پٽيتو پيار.

• **اَبْهارَ:** ذ.صفت. [ع. اَبْهَرُ = گونگو] اُپاڻ - معصوم - ٻالو پولو - بي سمجهہ.

• **اِبْهامُ:** ذ. [ع] شَكُّ - شُبهو. بي يقيني. بن معنائن وارو ڪلام. دو اَرٿي. آگوٺو.

• **اَبْهايو ج اَبْهايا:** ذ. صفت. چورو - يتيم.

• **اَبْهَرُ:** ذ. [ع] هڪ شريان جو نالو - سراڙو.

• **ابهر:** ذ. مرض جو هڪ قسم (جنهن ۾ تخرر پساه ٿئي).

• **اَبْهِكُ ج اَبْهِكُون:** ث. [مصدر اَبهڪ > اَبهِكَ] اَپيڪ - ٻيهڪ - اَڏاوت.

• **اَبْهَمَ ج اَبْهَمْ:** ذ. صفت. [ع] بي سمجهہ (ٻار) - معصوم.

• **اَبْهَڪُ:** مصدر. [پرا. اَپ: سن. اَوْرْدَو = اُپر] اڏڻ - ٻيهڻ - ڪرو ٿيڻ. اُپرڻ - اُسرڻ (پُوتن). بچڻ - ڇُٽڻ - چونڪارو حاصل ڪرڻ "ورجيو ويج وجن. آءُ نہ پرهر اَبْهان" (شاه) (اَبْهيو - اَبيلو. اَبْهندو. اَبْهيلُ - اَبْهيل).

• **اَبْهَو:** مٺاهان ٽيو. ڪامياب ٽيو.

• **اَبي:** ظرف. [هـ. اَبهي] اَپي - هينئر - هينئر ئي - هنئي وقت - هاڻي - پل ڪِن ۾ - اِجهو - جلد.

• **اَبي ڪَرڻ:** جلدي ڪرڻ - اِجهو ڪري وڌڻ - اَپي ڪرڻ.

• **اَبِيَ:** ذ. صفت. [ع. اِبِيّ] اِهوشخص جو خَسيس ڪمن کان اِبا (انڪار) ڪري - غيرتمند - بلند همّت.

• **ابي:** ذ. [ع. اب = پيءُ] پيءُ - ابو. مردن جي نالي سان گڏ اينڊو صفاتي اڇيازي "ابي طالب، وغيره".

• **اَبْيات:** ذ. [ع. بَيْتَ ج اَبيات] بيت - شعر.

• **ابيتو:** صفت. ابي ذاڻي وارو - پيڙهاتيو.

• **اَبِيلو:** فعل. مصدر "ابهڻ" مان ماضي ۽ مفعول - بيٺو.

• **اَبِيلي:** ظرف. ٻيلي - ٻيهندي.

• **اَبِيجْي ج اَبِيجْيُون:** ث. [سن. آجِجادَ = اوجڻ] زماني ڪيڙي جو هڪ قسم - بوجهي. ٻانڊڻي جو هڪ قسم. ڪُريل اوديءَ.

• **اَبِيدانُ (ڪ):** ث. ڪاري جي وڏي ٻيڙيءَ ۾ سڙهہ واري ٿلهي ڪاڻيءَ ڪي مٿي ڪِٿڻ لاءِ وڏي ڪيي.

• **ابيڙ:** ث. [سن. اَ = نہ + وارَ =وقت] اوير - دير.

• **اَبِيرائي ج اَبِيرائِيُون:** ث. ٽائون رکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي - طاقي.

• **اَبْيَضُ:** صفت. [ع] اُجرو.

• **اَبَيض:** ذ. گل جو هڪ قسم "گل چندن گل جا ونني، گل ابيض ئي اپار ميان" (شيخ سڏيندا).

• **اَبِيلائي:** اسم خاص. تعقلي واري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَبِيمارِ ج اَبِيمارِيُون (ث):** ث. [سن. اَ = نہ + وَيَت = وياڌِ] اُها بيماري جا وياڌ نہ هجي ياڪَرندڙ ڏٺي اُوبارل.

• **اَبَ ج اَبُون:** ث. [ع. حَبْس = اَبس] پاڻي جو بخار - پاڻ. هلڪو دونهون - غبار. سانوڻ جي ميهن ۾ چانيل ڪڪرن جا هلڪا ۽ هيٺانهان هلندڙ دونها "ابون ڪڪرن ڪنڌرون. اُترڏي آهين" (شاهہ). بدلي - ڪڪري. گرمي - ڪوساڻ. بانس - بُوءِ (ث).

• **اَباڀ ج اَباباتِ:** ذ. [ع. حَباب = بوڙبو] اَب - پاڻ. گرم ساهہ. شوڪارو. اوجتي دانهن. [ع. حَبّ] سڪ - حَبّ.

- **اَباب سان ملڻ:** گهڻي ءِ حَبّ ۽ سڪ سان ملڻ.

• **اَباتَ ج اَباتُون:** ث. [ع. حبس = اَبس] گرمي - اَبس - گهٽ -

ٻوساٽ. گرميءَ سبب رنگ جي جھڪائي. دونھاٽ –دُونھي جي لَھس. ڪجائي – خامي.

• **اُباتِجَنْ:** مصدر "اُباتڻ" مان فعل مجھول. [ء. حَبْس = اَبَس، ٻوساٽ، پرا. اَمْھَ. سن. اُشْمَن. اُشْمَه > اُشْنَ > گرمي > اُشْ = سڙ] گرميءَ ۾ ڪرمائجڻ "اندر اُباتجو وڃي، جيئن قبر ۾ ڪاڙھو". لھسجڻ. دونھي ۾ ڪارائجڻ – دونھاتجڻ. ساھ منجھجڻ – ٻوساتجڻ. رنگ جوجھڪو ٽيڻ – ڦٽي وڃڻ – جھڪو ٽيڻ (رنگ) – بدلجي وڃڻ. (۱) "اُباتجي اڄ وڻ. راڻا توريءَ رنگ". (۲) "رڃي جي ريتو ٽيا، ڪين اُباتجن اُوءِ" (شاھ). (اُباتيو – اُباتبو – اُباتيل).

• **اُباڻڻ:** مصدر. ساڙڻ – دونھاڻڻ. جھڪو ڪرڻ. ڦٽائڻ (رنگ). لَھسڻ (ٻاھ ۾). ٻاڦڻ – گھَٽڻ. (اُباتيو – اُباتيندو – اُباتيل).

• **اُباجھو ج اُباجھا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + باجھ = پاجھ. ڪان سواءِ] بي پاجھو – بي رحم – بي قياس – نردئي. (ضد) سُباجھو ج سُباجھا.

• **اُبارُ ج اُبارَ (ڏات):** صفت. اڃايو – بي فائدو.

• **اُبارڻ:** مصدر. اوبارڻ – ٽھڪائڻ. رڌڻ. پَسائڻ. اُپارڻ.

• **اُبارو ج اُبارا:** ذ. اوبارو، ٽھڪو – جوش. ھيڪار.

• **اُباري ج اُباريُون:** ث. صفت. اُبتڪي – پريشان.

• **اُباڙو ج اُباڙا:** ذصفت. [اَ = نہ + بَلَ = طاقت] بي طاقت ھيٺو. لاڃجھو – ابالو – بدحال. بُکيو.

• **اُباس ج اُباسُون:** ث. [سن. اُچْڇواس = ساھ باھرڪڍڻ] اوباسي. اُساٽ – اُڃ.

• **اُباسرَ ج اُباسَرَ:** ذصفت. اُباسر – اُباسيون ڏيندڙ. سُست. نڏاڪرو.

• **اُباسَي ج اُباسَيُون:** ث. اوباسي.

ـ **اُباسَيُون ڏيڻ ڪائڻ:** اوباسيون ڏيڻ. نڪمو ويھڻ.

• **اُباڪ ج اُباڪُون:** ث. راز جي بڌرائي.

• **اُتاڻُ**: ذ. سُڪل اٽو جنهن سان مانيءَ پچائڻ وقت پٽڑي ڳوهيل اٽي کي ڏاڏيروڪجي – اَٽڻُ. (ظرف) هميشه – سدائين – بار هوئي.

• **اُتاڻِجَنُ**: مصدر. [سن. اُدْوِيگْن] اُتاڙجڻ. نفرت ٽيڻ – ٻَجان لڳڻ. ڪڪ ٽيڻ. دل کتي ٽيڻ.

• **اَڏاڻُ**: مصدر. [سن. اُڏيگڻ] ڏل ڪڍي ڇڏڻ. وجوڙڻ.
• **اَڏاڻو ج اَڏاوا (ٿ)**: ذ. پُرڻ – ڀاڃيڻو.
• **اَڏڪ**: ذ. صفت [هـ] ڪهرو – مضبوط (ڪپڙو).
• **اَڏڪ**: ذ. [سن. اَ = نہ + ڏُ = ڏڻ، ڇڏڻ] اڻ ڇڏندڙ – مضبوط – پڪو.
• **اَڏ ڪ ج اَڏ ڪا**: ذ. گاهه ٻوٽا، گند ڪچرو – اَڏر ڪَڏر.
• **اَڏ ڪ ڀاڃي ٽين**: سجو ملڪ ڀاڃي ڀاڃي ٿي وڃڻ (برسات يا ٻوڏ سبب).
– **اَڏ ڪ ڪائڻ**: ڪن ڪچرو ڪائي وڃڻ. ڪائي پٽ ڪرڻ – سيڪجهه ڪائي وڃڻ – بد پرهيزي ڪرڻ.
• **اَڏ ڪ ڪاڻگ**: ٿ. [هـ. اَوڏ ڪاڻگ] واهيات – بيهودائي – اڻاڻگ ڪاڻگ.
– **اَڏ ڪاڻگي**: ذ. صفت ڪاڻاڪي – بڪواسي.
• **اَڏ ڪي**: صفت اڏ سڌي – اَجوڳي (هلت) – غير واجبي – واهيات (ڳالهه).
• **اَڏر ج اَڏرَ**: صفت [سن. اَڏَلَ] اَڏ تر – اڏ گنس – مَجَڏو. هڏي – ضدي.
• **اَڏر ڪَڏر**: ذ. اَڏ ڪ – ڪن ڪچرو – گند بلا.
• **اَڏرُ مُڏرُ**: صفت. ويڑهيل سيڑهيل – اونڌو ابتو (ڌڏل). سُست. اُڏ آويل ۽ بي ڏولو (ٻاڻ). بي افعالو – بي فضيلت بي ڪرو.
• **اَڏوي ج اَڏوِيُون**: ٿ. [سن. اَرَ گهَٽ + گرٿو يا چڪرو جنهن سان ڪوه مان ڀاڃي ڪڍجي] اَيڏوِي – نندڙو اَيٽ. اَرَٽي – اَڏَتي (ت).
• **اَڏ ٽ**: ٿ. اَڏَسڌ – اَنو سنو. **اَڏڪل ٽڪل** – چالاڪي. سازش. جوڙجڪ. ڳانڍيو – آشنائي. **اَڏهُ ٽهُ**.
• **اَڏڪ ج اَڏڪُون**: ٿ. [سن. اَرگڌ] روڪ – رندڪ – اَڙ – آڏ – بندش "عاشق ٽَبي آيا. اَڏڪ جي اَڏڪَ" (سجل). ٽيڪ – جهلڻ. ديرَ – سيڙاڻپ.
– **اَڏڪ ڏِيڻ**: آڏ ڏيڻ – روڪ ڏيڻ. ٻَدو ڏيڻ (ڀاڃيءَ ڪي).
– **اَڏڪ وجهڻ**: رندڪ وجهڻ – روڪڻ.
• **اَڏڪُ**: اَسر خاص. سنڌوندي ۽ تي (پنجاب ۾) هڪ شهر جو نالو. هڪ ندي ۽ جو نالو.
• **اڏڪ**: ٿ. ڳانڍاپو (دل جو) "اُني ساڻ اڏڪ، سجي آهر سومرا" (شاه عنات).
• **اِڏڪار ج اِڏڪارُ**: ذ. ڏُهڪار (اک ۾ ڪترجو).
• **اِڏڪاءِ ج اِڏڪاءُ**: ذ. اَڏَڪ – جهلڻ – روڪ – رندڪ ڇڪڙي – وڳهن. اَڏڪار. ديرَ – سيڙاڻپ.
– **اِڏڪاءِ وجهڻ**: اَڏڪ وجهڻ. رندڪ وجهڻ (ڪر ۾) – ڇڪڙي وجهڻ (نوڪريءَ يا ڪر ۾).
• **اِڏڪائڻ**: مصدر. [سن. اَرگڌَ] اَڏڪ وجهڻ. بند ڪرڻ. قاسائڻ. ڳنڍڻ. ترسائڻ. لڳائڻ (ڪر ۾). اڏڪائڻ". (اڏڪايو – اڏڪائيندو – اڏڪايل).
– **اَڏڪِي ڇڏڻ**: لڳائي ڇڏڻ (ڪنهن ڪر يا ملازمت ۾). ويڑهائي ڇڏڻ (ماڻهو). پني جي ڪنڊ پاسي تي رقم لکي ڇڏڻ. ڳنڍي ڇڏڻ.
• **اِڏڪِجڻ**: مصدر. "اڏڪڻ" مان فعل مجهول. قاسجڻ. ڳنڍجڻ. بندجڻ. روڪجڻ. جهلجڻ. هڪجڻ. ٻاڻ ۾ وڙهي ڳنڍجي پوڻ.
• **اَڏڪ سَرَڪ**: ٿ. پساريڪي وڪرجو هڪ قسم – دوا طور ڪم اينڊڙ ڪاڻي جو هڪ قسم.
• **اَڏڪ ڏڪ**: ٿ. اِڏَڪ ٻڏَڪ.
• **اَڏڪل ج اَڏڪلُون**: ٿ. [هـ] تخمينو – قياس – انومان. اڪو ڏڪر – ڏڪ – ڪَڏ. خيال – ويچار. رڍ – تجويز – صلاح. حڪمت عملي. ڪيڏ – چالاڪي – حرفت – "اڏڪل ساڻ الله. ڪڏهن ملندو ڪينڪي". رمز. سياڻپ. فَنُ.
– **اَڏڪل باز**: ذ. صفت حرفت ڪيڏندڙ – اڏڪل ڪندڙ – چالاڪ – حرفتي – اڏڪلي.
– **اَڏڪل بازي ج اَڏڪل بازِيُون**: ٿ. حرفت بازي – ڪيڏ – چالاڪي.
• **اَڏڪل روپ**: ظرف تخميناً – قياساً – ٽلهي ليکي – لڳ ڀڳ.
– **اِڏڪل ٽڪل ج اَڏڪلُون ٽڪلُون**: ٿ. حڪمت عملي. چالاڪي. حرفت بازي – اڏڪل بازي. تجويز – ڪيڏ.
– **اَڏڪل ڪرڻ**: حرفت ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. ڪيڏ ڪرڻ. رڍ رڍڻ – صلاح ڪرڻ. سياڻپ ڪرڻ.
– **اِڏڪلِي**: ٿ. صفت اڏڪل واري (عورت) ڪيڏارِڻ – حرفتِڻ. سياڻي. چالاڪ (عورت).
– **اَڏڪل ڦلاڻ ويڑهائڻ**: حرفت ڪان ڪر وڙڻ – ڪيڏ ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. تجويز ڪرڻ. منصوبو سنڀ. سياڻپ ڪرڻ.
• **اَڏڪلِي ج اَڏڪلِي**: ذ. صفت اڏڪل باز. ڏاهو. چالاڪ حرفتي – ڪيڏاري.
• **اَڏڪ مڏڪ**: ذ. [هـ] ناز نخرو – معشوقانه انداز.
• **اَڏڪڻ**: مصدر. [سن. اَرگڌَ] وجڙڻ – قاسڻ. روڪجڻ – رندجڻ – اَڙڻ. هڪجڻ (ڳالهائڻ ۾). جهلجڻ – بند ٿيڻ. ٻاڻ ۾ ڳنڍجي پوڻ. (اڏڪيو – اڏڪندو – اڏڪيل).
– **اَڏڪي پوڻ وڃڻ**: قاسي پوڻ. رندجي پوڻ. ڳنڍجي وڃڻ. لڳي وڃڻ (ڪر سان).
• **اِڏڪي بٽڪي مٽڪي**: ٿ. اِڏَڪ بٽَڪ. چالبازي – حرفت. اڏڪل ٽڪل.
– **اِڏڪي بٽڪي مٽڪي جاڻڻ**: چالبازي جاڻڻ – حرفت جاڻڻ.
– **اِڏڪي بٽڪي ڪرڻ، ڪيڏڻ**: چالاڪي ڪرڻ. چالبازي ڪرڻ.

• **اُت ڪٽ ج اُت ڪٽون:** ث. [سن. اُدْكو – ڪٽڪو – ڪٽڪو – اونو – اُڌ ٽُڻ – اوسيڙو. ڊپ – پڙ. اضطراب – بي قراري – فڪر.

• **اُت ڪٽو ج اُت ڪٽا:** ذ. اُت ڪٽ.

• **اُتَل ج اُتَلَ:** ذ. صفت. [سن. اُتَل < آ + تَ + تَلْ = تُرڻ، ڇڙڻ] اڌ تَر – اُتر – اڌ گس. پختو. لاڙوال. محڪم. ضرور ايندڙ "ٻاروڇا ٻيا گهڻا. منهنجو اُتل ارپائي "(شاهه).

ـ **اُتل صاحبي ڪمائڻ:** سکيو وقت گذارڻ.

• **اُتَل ج اُتَلُون:** ث. [سن. ۱. اُتولَن = تورڻ. ۲. اُتَلْ = وڌيڪ وزن وجهڻ] تورڻ ۾ وزن جي هڪ پاسي واڌ يا سرسائي. ساهميءَ جي انهي پڙ جي ڳوراڻ جنهن ۾ تُرندڙ شيءِ ٻيل هجي. هڪ پاسي لاڙو – لٻت. زيادتي – ڪثرت. اٽر اندازيءَ سببان طبيعت جو رجحان "اُتل اوڏانهين ٿئي. جيڏان ٻيحل ٻرائي "(شاهه).

• **اُتلائڻ:** مصدر. اُتل واري تور ڪرڻ. اُتلائڻ – اونڌو ڪرڻ. پنهان اچلائي وجهڻ. اُلٽو جواب ڏيڻ. (اُتلائيو – اُتلائيندو – اُتلايل).

ـ **اُتلائي وجهڻ، اُتلائي مٿان وجهڻ** – اونڌو ڪرڻ.

• **اُتَل بازي ج اُتل بازيُون:** ث. بازولي – قلابازي. اُتل پتل.

• **اُتل مُرادائي:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُتلَندو:** ظرف. اُبتو – برعڪس – هيڪاري – مورڳو – رَهندو – ماڳهين.

• **اُتلُهڻ:** مصدر. اُتل وارو ٿيڻ. اُلٽو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ – ابتو ٿيڻ – اُتلڻ. هارجڻ (ٽاڻ). موٽڻ – پويان پير ڪرڻ.

• **اُتلو:** ظرف. اُتلندو.

ـ **اُتلو ٽنگ رکڻ:** مورڳو مٿان حرف رکڻ – اچائي ميار رکڻ. خواه مخواه رعب ويهارڻ.

• **اِتَلي:** اسم خاص. يورپ جي هڪ ملڪ جو نالو (Italy) ـ اطاليه.

• **اُتَمْ:** ذ. [هـ] ڏير.

• **اُتَ هنڌ:** ظرف. اُتو مٽ – برابر – هڪجهڙو – هڪ. [ملڻائي] ڪوه جي ٽري جي گپ. زمين جو ٽڪر.

• **اُتْنَ ج اُتْنُهن:** ث. [سن. اُتْكَنْڪَ = ڳاٽ مٿي ڪٽي نهارڻ. ٽانگهڻ. سڪڻ] سڪ – ڇڪ – ٽانگهه – ڪاوڙ. [سن. اُتْ + تَمْبَ = ٽمبو] آڌار – ٽيڪ. [سن. اُتْكاسَه] ڪانسي – ڪنگهه. اُتب – برخاستگي.

• **اُتْنهڻ:** مصدر. [سن. اُتْ – جُرِبْ] ٽوروائي وري ويهي رهڻ يا ڪري پوڻ – اُجرِبڻ – اُجرڪڻ.

• **اُتْنگڻ:** مصدر. [سن. اُتْكَنْڪَ] ڳاٽ ڪٽي مٿي نهارڻ. ڪنهن وٽندڙ شخص يا شيءِ لاءِ اُڪير ماڻ ٽانگهڻ – سڪ مان انتظار ڪرڻ. (ذ). [سن. اُتْ = گاه] پسارڪي وڪرجو هڪ قسم (ڪانديري جو هڪ قسم يا ڄنڊڙ ج. جو دوا طور ڪم اچي).

• **اُتْني ج اُتنيون:** ث. [سن. اَتَن] ڪمان جو ڳوشو. سڳ جي نُڪي واري ڇڪڙي.

• **اُتَڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – تُرْتَ = ٽُڻ] ياراني قٽائڻ – سنگت توڙڻ.

• **اُتهڙ ج اُتها:** ذ. پاڻي ٻيئندي ٽيل ڪنگهه – اُتاڙو – اُتهڙو.

• **اُتو ج اُتا:** ذ. [فه. آرد] ٻيئل اناج (ڪڪڙ. جانور. پاڄهري. جوئر. مڪائي). ڪاب ٻيئل شيءِ ـ ڀُورو – ٻُورو – سُفوف.

ـ **اُتائي:** صفت. اتو وڪٽندڙ – اتي وارو.

ـ **اُتو آتَڻ ٽيڻ:** اتو "آتَڻ" جي بهاني استعمال ڪري ڪيائي ڇڏڻ. هڙ پوري ڪرڻ. ملايا ميٽ ٽيڻ. پيسجي رهڻ.

ـ **اُتو اُتر ڪرڻ:** بچائڻ. دانهون ڪرڻ – گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

ـ **اُتو ٻڌي پنيان پوڻ، لڳڻ:** هڪ جتو ٿي ڪر ڪي لڳڻ – لاهي پاهي ڪر ڪي لڳڻ. اوج ٿي لڳڻ.

• **اتو ٽيڻ:** سنهون پيسجڻ. تباه ٽيڻ. ڳري وڃڻ.

ـ **اُتو جي گهوباتو:** ذ. اُتي جو گهوباتو – هڪ جي ٻي – اڪبر جو مڪبر.

ـ **اُتو خراب ٽيڻ:** بُرا حال ٽيڻ – متي مردار ٽيڻ. رُلي مرڻ – بُرا حال ٽيڻ "اُجي ڏاڙهي. اتو خراب "(جوڻي).

• **اتو ڪرڻ:** پيهڻ – سنهون ڪرڻ. پڪا ڪرڻ. ڳارڻ. تباه ڪرڻ.

ـ **اُتو ڪائڻ:** اجايو ڪم ڪرڻ – بي فائدو ڪم ڪرڻ. ڪمائي ڪائڻ (ٻئي جي). ٻاڻهه ڪرڻ ملازمت يا نوڪري ڪرڻ "اتو ڪاڏو ڪٽي. مار ٻئي گاڏي تي = يعني ڏوهه ڪري هڪڙو رنجي ٻيو "(پهاڪو).

ـ **اُتو ڪٽڻ:** محتاج ٽيڻ – لاچار ٽيڻ. ڪم قاسڻ – گنتي پوڻ.

ـ **اتو گڏيل هُنڻ:** متي ماٹتي هُنڻ. تعلق يا لاڳاپو هُنڻ. شراڪت يا ياٹيواري هُنڻ.

• **اتو گهڻو:** اتي ۽ پاڻي وڌيڪ ملائڻ ۽ نرم ڪري مانيءَ ڇاڻڻ لائق بنائڻ.

ـ **اُتو هڻڻ:** سڳن جي ڏي وٺ ڪرڻ.

ـ **اُتي پوڙ ٻيهڻ:** جهيڙي سجائڻ لاءِ تيار ٿي ٻيهڻ.

ـ **اُتي پوڙ ڪرڻ:** جهيڙو وڌائڻ – فساد ڪرائڻ – ڇيڙو پوڙڻ.

ـ **اُتي ٽي اُتر:** اصطلاح. اتي ٽي اتو بدلائڻ. بنا نقصان جي سودو ڪرڻ "اتي ٽي اتو. نڪي کارو نڪي کتو".

ـ **اُتي ٽي ڇُٽي:** اصطلاح. بيڪار ماٹهو (جو رڳو مفت مانيءَ کائي ۽ ڪوبه ڏنڊو نه ڪري).

ـ **اُتي جو ڏيو گنڊ جي گنڊي:** ذ. صفت. بي همت – ڪمزور. ڇڇرو – بزدل. ڦيڙو.

ـ **اُتي جو ٹڪ:** ذ. صفت. بي شرم، بي ٽڪو.

ـ **اُتي جو ٹڪ هڻڻ:** لڄ شرم نہ هڻڻ.

ـ **اُتي ڪاپاڙو:** ذ. صفت. گهڻو ڪائيندڙ – پيٽوڙي – ماني ٽوڙ. بين تي بار.

ـ **اُتي مان وار ڪيڻ:** ذري پرزي (ڳالهه) جاچڻ. باريڪ بيني ڪرڻ. پوريگهه طرح جاچي ڪم ڪرڻ. پورو پورو انصاف ڪرڻ. عيب جوئي ڪرڻ.

ـ **اُتي ۽ لوڻ:** تمام ٿورو – قليل – جزوي انداز.

ـ **اُتي ۽ لُوڻ ٿيڻ، اُتي وڃڻ:** ٿوري انداز ۾ ٿيڻ – گهٽ مقدار ۾ ٿيڻ – اَٽ لڪو. حل ٿي وڃڻ – ملي (ڳري) وڃڻ. گمنام ٿيڻ.

ـ **اُتي ۽ لُوڻ ڪري ڪائڻ:** تمام ٿورو ڪائڻ (فائدو وغيره).

ـ **اُتي ۽ لُوڻ هڻڻ:** تمام گهٽ انداز ۾ هڻڻ. ان لکي انداز ۾ هڻڻ.

• **اُتو ج اُتا (ل):** ذ. صفت. گوڏن تي هٿ رکي ڏوندڙو ٿي ٻيهڻ – بانبڙو – نوڙيل – ٿورو. ڏير (اَتُ. اُڌ).

ـ **اُتو ٿي ٻيهڻ:** گوڏن تي هٿ رکي ٻيهڻ – ڏوندڙو ٿي ٻيهڻ.

ـ **اُتو ٿي ٿوڻ:** اونڌو ٿي ٿوڻ. سخت محنت ڪرڻ.

ـ **اُتو ٽيڻ:** ٻولهه مٽي ڪرڻ – گوڏن ۽ ٿوننڻين پر بانبرو ٽيڻ.

• **اُتوٽ:** صفت. [سن. اَ = نہ + تُڌ = پڇڻ] اڻ پڇندڙ.

• **اُتوڙجڻ:** فعل مجهول. اُتاڙجڻ – اٿهڙجڻ.

• **اِتوڙو (ت):** ذ. گرم رڍ جو قڙو. ننڍي جنوءَ. سِڙ جو ٽُڪر – سِروتو – ڪروتو.

• **اُتوڙهڻ:** مصدر. اُتوڙجڻ.

• **اُتوڪ:** صفت. [هـ اَ = نہ + توڪنا = ٽوڪڻ. سوال پڇڻ. روڪڻ] جنهن کي ٽوڪي نہ سگهجي.

• **اُتول:** صفت. اڻ گهڙيل (پٿر، هيرو وغيره). اڻ سڌريل – بي ادب.

• **اُتوهٽ، اُتوهٽو:** ظرف. برابر – هڪجهڙو – تور ۾ هڪ جيترو.

• **اُتوهٽ، اُتوهٽو:** ظرف. برابر – هڪجهڙو – تور ۾ هڪ جيترو.

ـ **اُتو هُٽو:** ظرف. تخميناً – اٽڪل رُوپ ـ بنا هٿڻ يا ڳڻڻ جي – اَڪو ڏڪو. گڏيل صورت ۾ ـ دوم شومر – ملي الحساب.

ـ **اُتو هُٽو ٻڌڻ:** تخمينو ڪرڻ – ڪٽ ڪرڻ – اَڪو ڏڪو ٻڌڻ.

• **اُتهہ ج اُتهہ:** ذ. [سن. وَتَهـ = نوڙي، رسي] ڏين مان وٽيل نوڙيءَ جو ٽُڪر (جنهن سان ڪڙ يا چپر ناهڻ وقت پڇرن ۾ ڪاڻيون ٻڌجن يا مُرلي جي ياندڻيءَ ۾ مالهه ٻڌجي). ڏانو – دلبو.

ـ **اُتهہ ٻڌڻ:** نار جي مالهه يا چپر جي لڙهين کي وٽيل ٻيش جي نوڙيءَ سان ٻڌڻ.

• **اُتهہ ج اُتهہ:** ذ. وات جي اُتهڙ (جنهن ۾ ڪاڏو ٻاهر نڪري ايندو آهي). (صفت). ڏير هضم. ناڪوار.

• **اُتهاس:** ٿ. [سن] وڏي ڪلَ – اَڳاسو ٽهڪ – اچائي ٽهه ٽهه.

• **اُتهائيندو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ٿهائڻ < ٿهارڻ = هلڻ. ڀاڙڻ. نباهڻ < ٽُوَرَڻ = ٽڪاڻو هلڻ] ناڪوار – آڻ سُهائيندو. حرام – ناروا.

• **اُتهہ پتهہ، اُتي پتي:** ظرف. هڪ ٻئي مٿان – گهڻي انداز ۾ ـ اوت اوتان – وري وري – هر هر. پريور نموني ۾ (ٻوٽن وغيره کي ٻاڌي ڏيڻ).

• **اُتهہ سَتهہ:** ذ. ڳنڍ ڳوٻ اُٽڪل سَٽڪل. حيلو حوالو.

ـ **اُتهہ سَتهہ ڪرڻ:** ڳنڍ ڳوٻ ڪرڻ. اٽڪل سَٽڪل ڪرڻ. اٽڪل ۽ تجويز سان ڪٽهن ڪَريل شيءِ کي درست ڪرڻ.

• **اُتهلو ج اُتهلا:** ذ. اُتالو.

• **اُتي:** ٿ. [ملتاني] سُٽ جي قاري. "ڀتڪي" لاءِ حقارت جو لفظ.

• **اِتي ج اِتيون:** ٿ. راند ڪيڏڻ لاءِ هڪ خاص نموني ۾ ڪاڻيءِ جو ڪهڙيل ٽڪرو – ڳلي.

ـ **اِتي ڏَڪَڙ:** ذ. هڪ مشهور ديسي راند – ڳلي ڏڪر.

• **اُتي ج اُتيون:** ٿ. [سن. اَڌ – ٽُرتَ = ٽُٽڻ] ڦٽاڙو (سنگت ۾) ـ ڪَٽي (جا ننڍا بار هڪ ٻئي کي سنگت توڙڻ وقت چيڀ ڏيڪاري ڪندا آهن). (ضد) ٻَڌي ج ٻڌيون.

ـ **اُتي ڪرڻ:** ياراني ٽُٽائڻ – سنگت توڙڻ – ڪَٽي ڪرڻ – اُڻي ڪرڻ.

• **اُتي پتي:** ظرف. هر هر – وري وري – بار بار.

• **اُتيرُ ج اُتيرَ:** ذ. سُٽ ويڙهڻ جو ٽڪلو يا ناپڻو. سُٽ جي ويڙهي يا ريلَ.

• **اُتيرڻ:** مصدر. سُٽ ويڙهڻ – ڏيري ناهڻ. (ڪهوڙ ي ڪي) قواعد ڏيڻ.

• **اِتي مُتي:** ظرف. اُتو متو – دوم شومر – علي الحساب.

• **اِتيون جو ساٿ:** ذ. شاديءَ جو هڪ ساٿ (جنهن ۾ لائٽن بعد مانڊاڻيءَ جي نيٽي سان ٻڌل ست اِتيون گهوٽ ۽ ڪنوار جي جسم سان ڇهن).

• **اُتيجَڻ:** مصدر. آڪلڻ – گيهه يا تيل جي ڏُڪ ڏيڻ مهل ديو جو آڪلجي ٻوڙ – اٿهڙجڻ.

• **اُتيڪ:** ظرف. بنا ٽيڪ.

• **اَٽ:** صفت. [سن. اَشْتَ: ف. هَشت] هڪ عدد جو نالو – ۾ جُونڪ ـ (۸). گهٽا – جهجها – بي انداز. چتر يا چوڙ راندين ۾ داءِ جو نالو (جنهن موجب ساري اٽ خانا اڇتي هلي سگهي). راند جو سهڪو ۽ وڏو داءُ.

ـ **اَٽ آگرو:** ذ. صفت. اٽن آگرين جي ماپ وارو. اَهو سُوٽر جنهن جا وَڄ (سنگها) اَٽ آگر هُجن – وڏو سُوٽر – اُٽوڙ.

ـ **اَٽ پهَر:** ذ. ڏينهن رات – چوويهه ڪلاڪ (ظرف) انٽي پهر – هر وقت – هر گهڙي – سڄو وقت. سدائين – هميشه.

ـ **اَٽ پيرو:** صفت. انٽ پيرن وارو. (ذ) جيت جو هڪ قسم – ڪوريٽرو.

ـ **اَٽ ڏاتُو:** ذ. سون، چاندي، تانبو، قلعي، سيهو، پتل، لوهه ۽ ٻُرڪ

ـ **اَٽ ڏِسيُون:** ث. قبلہ نما جا اٽ طرف.

• **اٽ ڏوٽا:** صفت. انٽ جا ٻيٽا – سورهن "جب گوري گهنا ڪري اٽ ڏوٽا اغماض" (جلال ڪتي).

ـ **اَٽ رُخو:** صفت. انٽ پاسن وارو – انٽ مُنهَن وارو. (ذ) شطرنج راند جو هڪ مُهرو، وزير (جو انٽ طرفن ڏانهن هلي سگهي ٿو).

ـ **اَٽ سلو:** ذ. سهولت ۽ آساني وارو ماڳ.

ـ **اَٽ سلو:** ذ. انٽ سوراخن وارو – ڪٽولو (هي اصطلاحي نالو اڪثر قسم ڪٽ لاءِ استعمال ٿئي "اڏا! اٽ سلي تي ويٺو آهيان ته اها ڳالهه ايٽرن آهي").

ـ **اَٽ ڪانِيو:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اَٽ + ڪَاشْتَ = ڪاٽ] اَٽن ڪاٽين وارو – انٽ ڪاٽين مان ٺهيل (ڪٽولو) "اَٽ ڪاٽ. ناٽين نوڙي، جيڪو ته پڇي تنهنجي ناٽي ٽوڙهي" (ٻاراڻي ڳجهارت). [سن. اَشْتَ = اٽ + ڪَشْتَ = مشڪل] سخت – ڏکيو – ڪٺن – مشڪل. اهڙو ڪم جيڪو ڪرڻ ۾ ڏکيو هجي.

ـ **اَٽ ڪانِيو ڪم ڪرڻ:** ڏکيو ڪم ڪرڻ – مشڪل ڪم سرانجام ڪرڻ.

ـ **اَٽ ڪُنڊي ڪُندياڙو** ج **اَٽ ڪُندا، ڪُندياڙا:** ذ. انٽ ڪنڊن وارو – هشت پهلو – مثمن.

ـ **اَٽ ڪَنهو:** ذ. تنبو يا شاميانو جو انٽ چوڻين تي ٻيهل يا اڌيل هجي.

ـ **اَٽ ڪَٽڻو:** ذ. صفت. اَٽڻوٽو. انٽن ڪٽڻ وارو.

ـ **اَٽ لڳي وڃڻ:** چٽريا چوپڙ راند ۾ "انٽ" جو داءُ لڳڻ. (اصطلاحاً) ڪو ڪم نهايت سُهڻي نموني پوري، طرح راس ٿي وڃڻ "پورا اٽ لڳي ويا".

ـ **اَٽ هَنگَل:** ذ. اُهو گهوڙو جنهن جي پيشاني، ٻچ، ٻَڪڻ، چاتي ۽ چار پير اُڇا هجن.

ـ **اَٽڻ:** صفت. سلسلي ۾ ستن ڪان ٻاهر وارو – قطار ۾ انين نمبر وارو.

ـ **اَٽڻوٽ:** ث. اَٽ پيرا وڌيڪ هڻڻ جي حالت – اَٽ پيرا.

ـ **اَٽ هڻڻ:** چوپڙ يا چوسر راند ۾ اَٽن خانن هلڻ جو داءُ هڻڻ (جنهن ۾ ستئي ڪوڏيون سُٽل هونديون آهن).

ـ **اَٽ هٽي چڏڻ:** ساراڻ جوڳو ڪم ڪرڻ. دلبو ڏيڻ – ناهي جوڙي ڪوڙ هڻڻ – وڃائي چڏڻ.

ـ **اَٽَنِي:** صفت. سپٽي اٽ "انٽي پهر الڪ" جو. ڪو وڏو ويراڳين" (شاه).

ـ **اَٽِنِي اَٽَنهوت، اَٽَرت:** سنڌي سگهڙ پائيءَ جو مقولو (جنهن موجب هيٺيرن اٽ ٽيون نشي ۾ ڇور ڪري مرد کي بي اعتدال بنائين ٽيون "۱. بادل ڇنگ: ۲. پراڻي هنڊ: ۳. گانجي جي ٻهرين سُوٽ: ٤. گهوڙو پور ميدان ۾: ۵. ٻري گاڏڻين سوٽ: ۶. ٻهرين رات پرٽي جي: ۷. ٻهتر ٻينگڻن جهوٽ: ۸. عشق اول جو لڳي. اهي انٽي الهُوت").

ـ **اَٽنِي لڳي وڃڻ:** راند ۾ مخالف جي انٽ جي داءُ لڳڻ سان پريشاني پيدا ٿيڻ. حواس گم ٿي وڃڻ – حواس باخته ٿيڻ – هوش خطا ٿيڻ.

• **اِٽڪ:** ث. [سن. اِشْتَ] خواهش – مرضي – اڇا. پيار. تقاضا.

• **اِٽڪ اِٽڪ:** ث. اوبر – جوٽ. پليتي. گندگي "ڪر ڇڻ زال کي اگهاڙجو. ڪِ اِٽ جو ڪيٽا" (دائري واري سنڌي).

• **اَٽ ج اَٽڪ:** ذ. [پرا. اَٽَ: سن. اُشْٹْر: فا. اُشْتر. شُتر] جانور جو هڪ قسم – شُتر – ٻيو – ليڙو – ڪرهو – چانگو – بوتو – توڏو. (ث. اَٽ. اَٽِني. اَٽي ج اَٽيون. اَٽيُون). (صفت اصطلاحاً) موڳو – بيوقوف – بي عقل. اڇايو ڏگهو.

ـ **اَٽ بَنجڻ:** بيوقوف ٿيڻ – پُوڪ بنجڻ. قد ڏگهو ڪرڻ.

ـ **اَٽ تي بَلا ڪاٽِڻ:** بنا سبب تڪليف پهچڻ – بد بختي اچڻ – راهه ويندي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسڻ.

ـ **اَٽ پَٽڻ تي:** جملو. اٽ ٻيڙيءَ تي مشڪل سان چڙهي ۽ ڏاڍي مار ڪائي "اهڙي مار ڪائيندين. جهڙي اٽ ڪائي پٽڻ تي". (اصطلاحاً) ڪنهن ڪم ڪرڻ ڪان سخت نٺاءُ واري حالت.

ـ **اَٽ پتو:** ذ. (عام گمان ته اٽ کي پتو ٽٽي ٽي ڪونہ) بي پتو – نڏڪ

ـ **اَٽ پَنيان گهنڊڻي:** اصطلاح. پنڊٽي – پندي – ڳڪ – ليلو ٿي لڳڻ جي حالت. وڏي مڙس پنيان نندي زال اڃائي جوڙتہ.

ـ **اَٽ پَٽِيرو:** ذ. صفت. اٽ جي پَٽيءَ جهڙو (جيل جو لاهه). ڏکيو – اهنجو. عارضي – وقتي – ٿوري وقت لاءِ.

ـ **اَٽ پَٽِيءَ تي:** ظرف. هميشہ مسافريءَ تي – سدائين سفر ۾.

ـ **اَٽ پَکِي** ج **اَٽ پکي:** ذ. شُتر مرغ. صفت. ٺڪريل – مڪر ڪندڙ (عام گمان ته اٽ پکيءَ کي جيڪڏهن چئبو ته اٽ آهين ته پلا بار ڪ. ته چوندو "مان پکي آهيان". جي چئبس ته پکي آهين ته پلا اڏام. ته وراڻيندو ته "مان اٽ آهيان").

ـ **اَٽ پنهنجي مَتَ ۾ ترکي:** جوٽي. سيکو پنهنجي ڪٽي جو نتيجو لوڙي. اهڙو ماڻهو جو پنهنجي ڪيل ڳالهه مان پاڻ ونجي.

ـ **اَٽ پيرُ** ج **اَٽ پيرَ:** ذ. اٽ جو پير. (مجازاً) ويهڪ جي جاءِ (پَندڻ. جيڪڏهن متيءَ ۾ مقعد پر ويهي اٽبو ته اٽ جي پير جهڙو نشان

ٿهي پوندو) – مقعد.

ـ اَتَ پير ناهڻ: گيسي ڪرڻ لاءِ زمين تي ويهندي اَت پير جهڙو نشان ناهڻ – گيسي ڪرڻ. بانْ ڪرڻ – توبه ڪرڻ. همّت هارڻ – مؤسي چڏڻ – پاڙي ٽيڻ.

ـ اَتَ پيرَ ڪرڻ: گيسي ڪرڻ – توبه ڪرڻ "سومرين سانگ ڪنئي، اَبڙي ڪيو اَت پير" (شاهه).

ـ اَتَ پيرو: ذ. صفت. اَت واري تور هلندڙ. جنهن جا پير اَت جي پيرن جهڙا هجن. پاتوڙو – وڏي پاٽ. تکو قاصد. پانڌيڙو.

ـ اَت پيري ياجهري: ٿ. اَت جي قدم جي وڇوتيءَ تي ڌار ڌار چنبيل ياجهريءَ جا داڻا (پوک لاءِ) "اَت پيري ياجهري، اَت گامون انب، داڻي تي داڻو چنڻ، اَهي پوکڻ لُنبَ" (چوڻي).

ـ اَتَ جو پَٽ: ذ. صفت. بيوقوف – وڏو بيوقوف. بلڪل پوڪ. طاقتور.

ـ اَت جو سڱ: صفت. ڪجهه به نه.

ـ اَتَ ڏاڻ: ذ. عمل جو هڪ داءُ – ٻنهي تنگن ۾ جانڪو.

ـ اَتَ قطاري ڏيڻ: تمام گهڻو ڏيڻ – زياده سخا ڪرڻ.

ـ اَتَ ڪَنڊي: اسم. خاص. ٽرِ هڪ پٽ جو نالو.

ـ اَتَ ڪوڏِرُ (ٿ): ٿ. ول جو هڪ قسم (ڪوڏير جهڙي، جنهن کي اَتَ ڪائين).

ـ اَتَ لَڪ: اسم. خاص. ٽرِ هڪ پٽ جو نالو (نبيسر جي پرِ ۾، جنهن تي هڪ اَت جڙهندي سهڪي سهڪي مَري ويو).

ـ اَتِ اَنبي ج اَنبيُون: ٿ. اَتَ جو مونٽ – اَتِ ـ ڏاڇي.

ـ اَتيرو ج اَتيرا: ذ. صفت. اَت وارو – اَت هلائيندڙ – اونار – اوڻي – جَٽُ.

• اَتارو: ذ. [سن. اَشْتَ = اٺ + آرو] اٺن طرفن وارو عالم (اتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه ۽ چار ڪنڊون).

ـ اَتارو عالم: ذ. سڄي دنيا – ڪل ڪائنات.

• اَتارهن: صفت. اڙهن.

• اَتاسُ ج اَتاسَ: ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ + سَر] اٺن پاسن وارو – هشت پهلو – مُثمّن – اَت ڪنڊو. (ذ) اٺون حصو. اٺن جو اَنگ. پتي جي تاس ۾ اٺن داڻن وارو پَتو – اَٽي. اٺن جريبن يا اٺن ايڪڙن وارو زمين جو ٽڪرو. جنديءَ جي گل جو هڪ قسم. (ذ. صفت) اٺن مهينن جو ڄاول ٻار – انڙيو – اناسو.

• اَتاسو: ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اَت] اٺن مهينن جو ڄاول – انڙيو.

• اَتاسي: صفت. [سن. اَشْتاشتي. اَشْتاشيت < اَشْتَ = اٺ + اَشِيْتِ = اسي] هڪ عدد جو نالو (۸۸) – اسي ۽ اٺ.

• اَتاگِيرُ ج اَتاگِيرَ: ذ. [هـ. اَتانا + فـ. گير] هلندي هلندي ماٺهوءَ جي ڳنڍ ڪٽيندڙ – ڳنڍيچور – ڳلاڪاٽ.

• اَتاگُ ج اَتاگَ (ل): ذ. اَڳڪ – نازو – ازار بند.

• اَتانگَ: ذ. [سن. اَشْتَ + اَنگ] بدن جا اٺ عضوا جن سان زمين تي پرور سجدو ڪجي (پيشاني، نڪ، هٿ، گوڏا، پير). زمين جي اٺين پتي.

• اَتانَوي: صفت. [سن. اَشْتانَوَت = (اَشْتَ = اٺ + نَوَت = نوي)] هڪ عدد جو نالو (۹۸) – اٺ ۽ نوي.

• اَتانو ۽ اَتانا: ذ. صفت. اٺن ورهين جي جمار جو (جانور).

• اَتاوُ: مصدر. [سرائڪي: پرا. اَتاوَ: سن. اَتْتا پن] اَتائڻ – ڪٽڻ.

• اَتاوِيهه: صفت. [سن. اَشْتاوِنْشَت < اَشْتَ = اٺ + وِنشت = ويهه] هڪ عدد جو نالو (۲۸) – اَٺ ۽ ويهه.

• اَتاويهو: ذ. ڪورڪي اصطلاح ۾ سُٽ جو هڪ قسم.

• اَتاءَ ج اَتاءِ اَتاوَ: ذ. [پرا. اَتاوَ: سن. اَدْ = مٿي + ٺا = ٻيهڻ] چاڙهه – هُشي – ٽيڪر. اُتاريل ڳالهه – افواهه وڌاءُ – مبالغو. بهتان – الزام.

• اَتائڻُ: مصدر. [پرا. اَتاوَنَ؛ سن. اَدْ = مٿي + ٺا = ٻيهڻ] مٿي ڪٽڻ – چاڙهڻ. پڌائڻ – سارائڻ. ڪٽي هلڻ. اُسهڻ "ايئن اَت اُتاءِ، جيئن هوندي رات هت مڙون" (شاهه). (اَتايو – اَتائيندو – اَتايل).

• اِتِيهَ: صفت. [سَن. اَشْتَ = اٺ + تْرِنْشت = تيهه] هڪ عدد جو نالو (۳۸) – اٺ ۽ تيهه.

• اَٽرُو: ذ. مجيءَ جو هڪ قسم (ڪاريءَ پٽيءَ سان، چلڻ سان، ڏيکهه تن ڪان نون انجن تائين). جيت جو هڪ قسم.

• اَٽرِيو ج اَٽريا: ذ. صفت. [سن. اَشْتَ = اٺ + ڏرِ] اٺين مهيني ڄاول (ٻار). ڪميٽو – نيچ – ڪَڏو (عام گمان ته اٽريو ٻار اڪثري بدتميز يا بدمزاج هوندو آهي). ضدي – نٽر – هوشيار – چالاڪ – سياڻو. لُڇ – شرير. بيهودو ڳالهائيندڙ – ڪوڙا قصا پڌائيندڙ. اٺن ڏينهن جو – اٺن ڏينهن وارو. (ذ) چونڊي ۾ وڏل اٺن لڙهن مان هڪ لڙهو (ل).

• اَٽسائي ج اَٽسائِي: ذ. صفت. ڏاريو – اوپرو.

• اَٽسٽو ج اَٽسٽا: ذ. اٺ ڪانيو عارضي (مٿي ڇانو جهڙو) ڇپَر (جنهن ۾ چار ٿوڙيون، چار پڇر رکي مَنهنْ ماهجي). بندوبست – جوڙجڪ. تجويز – رٽ. ويچار. سهنج – سولائي.

ـ اَٽسٽو ڪرڻ: بندوبست ڪرڻ. ڪٽ ڪرڻ ويچار ڪرڻ.

• اَٽسوَ: ذ. [سن. اَشْتَ = اٺ + سَو] اَٺ سؤ ٽندن واريءَ تاجيءَ مان ٺهيل ڪپڙو. (صفت) بيوقوف – ڇسو. لڇ – بدمعاش.

• اَنڪلو(ل): صفت. اَنڪائيو. سمورو – سمپ.

• **اُڌڪجهور:** ذ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ ڪاري رنگ جي هڪ ڪڙي باڙ.

• **اُڌيلي:** ٿ. [هـ] ڇلاتي مچلاتي – ناز نخرو.

• **اُڌ ڪُهڙيو:** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **اُڌل:** ذ. [هـ] گهوٽ ڪنوار جو پَرٿي کان پوءِ تئين ڏينهن ڪڍجي وهنجڻ.

• **اِڌلائڻ:** مصدر. [هـ. اِڌلانا] نازيا تانءُ سان هَلڻ. اِترائڻ.

• **اُڌنگَڻ:** ذ. [هـ] ٽيڪ – آڌار – ٽيپو.

• **اُڌڻ:** مصدر. [سن. اُدْشنا] اُڌڻ. اُپرڻ – اُسرڻ – بيهڻ. تاڻڻ ۽ پرچڻ. سڪڻ (ٿ). [سن. وُرْش = وسڻ] وسڻ (مينهن) – برسڻ.

• **اُڌو ج اُڌا:** ذ. پٽي جي تاس ۾ اڌن ڏاڻن جو پٽو – اَڌي. سُٽ جو هڪ قسم (تمام ٿلهو سُٽ).

• **اِڌو:** صفت. [پرا. اِتّ: سن. اِشْتَ = اِڇا ڪيل] خواهش ڪيل. تڪيل – نظريل. ڏنل "ميهر ۽ سُهڻيءَ جا ڏنن، جا ڪير هو ڪنهن جو اِڌو" (گل). جاڏو ڪيل.

• **اُڌو:** ذ. [سن. وُرْش = وسڻ > وڌو > اُڌو] وڌو – وڏل مينهن – برسات – بارش "آڃي ٿي اُڌي جي ڏڏي هير ترمان". [سن. اُدْشتَ] جوڌو – اوباريل – ناپاڪ – خراب.

• **اُڌواڻي ڪَڏواڻي:** صفت. بستري داخل (بيماريءَ) يا پيڙا جي حالت ۾) – لاڙم الفراش.

• **اُڌوتڙ، اُڌوترو:** صفت. [سن. اُشْتَ = اڻ] سڙ تي اڻ (وياڄ، وڌو يا لاڻ) – اڻ ڦي سيڪڙو.

• **اُڌويٽ:** ٿ. آيت جي صلاح مصلحت – گهرو صلاح. همدردي – مدد.

• **اُڌوَڻي (ل):** ظرف. هڪ پٽي پٽيان (اڌن واڱر) – قطار ۾.

• **اڌوهن:** ظرف. اڌني پهر – ڏينهن رات "اڌو پهر عنات چئي تن واڇوتو وهاج" (شاهه عنات).

• **اُڌوڙ ج اُڌوڙ:** ذ. صفت. [سن. اُشْتَ = اڻ] اڌن سالن جو (گهوڙو جو پورو جوان ۽ نهايت زور وارو هجي). اڌويو – ڏڄ – بدمعاش – شرير. ڏگ – تريناڪ

• **اُڌوري (ٿ):** ذ. باڏو.

• **اُڌوري ج اُڌوري:** ذ. صفت. اُڌوڙ. گهرو بدمعاش.

• **اُڌوڙ، اُڌوڙي:** ذ. صفت. اُڌوڙ – اُڌوري.

• **اِڌوڙي ج اِڌوڙيُون (ٿ):** ٿ. پڳل سر.

• **اُڌوسَڻو:** ذ. اُسڻسڻو.

ـ **اُڌو ڪرڻ:** اُسڻو ڪرڻ – پُورائي سَرائي ڪرڻ.

• **اُڌوڳ، ج اُڌوڳ:** ذ. [سن. اُشْتَمک = اڌون] اڌون حصو – اڌين پٽي. ڪنهن پيدائش جو (ڍل طور) ڏنل اڌون حصو. تعلقي اُباوڙي ۾ ڏهن جي سردار کي سرڪاري طرح اُباوڙي تعلقي جي ڍل جو ملندڙ اڌون حصو. رن زال کي مري ويل مڙس جي مليڪت مان مليل پر آنا حصو.

• **اُڌون:** ذ. صفت. [سن. اَشْتَمْ] اڌن جو عدد قطاري.

• **اُڌُنجاهَ:** صفت. [سن. اَشْتا پَنچاشْتْ < اَشْتَ = اٺ + پَنْجاشْتْ = پنجاهه] هڪ عدد جو نالو (۵۸) – اٺ ۽ پنجاهه.

• **اُڌوڻ:** ٿ. [سن. اَشْت + گڻ] اٺ دفعا – ساڳي شيءِ اٺ پيرا.

• **اُڌَهتَر:** صفت. [سن. اَشْتَ سَپْتَتِ < اَشْتَ = اٺ + سَپْتَتِ = ستر < هتر] هڪ عدد جو نالو (۷۸) – اٺ ۽ ستر.

• **اُڌَهتُ:** صفت. [سن. اَشْت شَشْتِ] هڪ عدد جو نالو (٦٨) – اٺ ۽ سٺ.

• **اُڌَهڙيو:** ذ. صفت. [سن. اَڇِچَ – سوڇِچَ] آڙيو – اَڌريل – صاف ڏيل.

• **اُڌهِن، اُڌُن:** ٿ. [سن. اَشْتمي] چند واري مهيني جي اڌين تاريخ.

• **اُڌي پهَر:** ڏينهن رات.

• **اُڌي:** فعل. [سن. وُرْش = وسڻ" وڌو > وُڌي > اُڌي] وُڌي مينهن – وسندي مينهن. مينهن وسڻ واري وقت – ساوڻ جي موسم "سَمَن سچاڻي، آهر اُناڻي اُن سين" (شاهه).

• **اُڌي واڌي:** ٿ. [سن. اَشْتَه + واڌي] اُڌي جي ڳالهه بولهه – مينهن جي خبرچار – وسڪاري جو حال احوال.

• **اُڌيتاليهه:** صفت. [سن. اَشْتَ چَتْوارِنْشَتْ] هڪ عدد جو نالو (٤٨) – اَٺ ۽ چاليهه.

• **اُڌيَل (ٿ):** ٿ. [سن. اَوشيڪَ] اوير – جُوٽ.

• **اُڌيُن:** ٿ. قطار ۾ اڌون نمبر شيءِ. اڌين تاريخ – اُڌهن.

• **اُڌيو:** صفت. اُڌوتڙ – اَٺ في صدي.

• **اُڌاڻ:** ذ. [ع] سامان – اَسبابُ.

• **اُڌاڻ البَيتُ:** ذ. گهر جو سامان يا اسباب – فرنيچر.

• **اُڌاڻي اڌاڻ:** ذ. اسباب – مال متاع – ڪل موڙي.

• **اُڌامَ:** ذ. [ع] دوزخ جي هڪ ندي.

• **اِڌامُ:** ذ. [ع] ڏنڊ. سزا.

• **اُڌامي ج اُڌامي:** ذ. صفت. [ع] ڏوهي – مجرم – گنهگار. مدّعي عليه.

• **اُڌاڻ:** ذ. [ع. ثَبْتُ ج اَثبات] اعتبار وارا دوست – معتبر يار. معتبر شاهد.

• **اِثباتُ:** ذ. [ع] ثابتي – ثبوت. مضبوطي. دعويٰ. اقرار. بقاءَ (نفيءَ جو ضد). الله تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار "آهي کلمي ۾ ڏس نفي اثبات" (واصف). ("لااِلٰه) نفي آهي ۽ "الاَّاللّٰهُ" اِثبات).

• **اِثبات:** ذ. حق ۽ حقيقت جو ثبوت. حقيقي وجود جي تصديق. ذات حق جي تصديق.

• **اِثباتي:** صفت. اثبات وارو – ثابتي رکندڙ. اِقراري – هائوڪاري. کلمي شريف جو اثباتي فقرو – الله تعاليٰ "اندر باهر ٿيو اثباتي".

ـ **اِثباتي جُملو:** ذ. گرامر موجب اقراري يا هائوڪاري جملو (سَلْبي يا انکاري جملي جو ضد).

• **اَثَرَ ج اَثَر:** ذ. [ع] تاثير. خاصيت – گُڻ. نتيجو – ر د عمل. علامت – نشان. پيرو. بقايا – نقش قدم. احساس. دباءَ – اختيار. حديث – اصحابن سگهورن جو قول. طريقو ۽ رهڻي ڪهڻي. اک جي پردي جي ويجهي اچاڻ.

ـ **اثراتو ج اَثراتا:** صفت. اَثر وارو – مؤثر. فائدي وارو – کارائتو.

ـ **اَثرپذير:** صفت. اثر قبول ڪندڙ.

ـ **اثرداڑ:** ذ. صفت. اَثر رکندڙ – خبر رکندڙ.

ـ **اَثرطراز:** ذ. صفت. مؤرخ – تاريخ نويس.

ـ **اَثرڪرڻ:** تاثير ڪرڻ. فائدو بخشڻ.

• **اثررسوخ:** ذ. هلندي پچندي.

• **اثررکن:** ذ. اثر رکندڙ. هلندي پچندي وارو.

• **اَثقال:** ذ. [ع. ثِقْلَ ج اَثقال] بارَ – بوجھ. اَٽڪون.

• **اَثقل:** صفت. [ع. "ثقيل" جو تفصيل] وڌيڪ گورو.

• **اَثل:** ذ. [ع] گدامڑيءَ جو وڻ.

• **اِثمُ ج اِثْر:** ذ. [ع] گناهَ – ڏوهہ.

• **اَثمار:** ذ. [ع. ثَمَر ج اَثمار] ميوا.

• **اِثمِد:** ذ. [ع] سُرمي جو پٿر.

• **اِثناعَشَري:** اسر خاص. [ع. اِثناعشرة = بارهن] بارهن امامن کي مڃيندڙ شيعن جو هڪ فرقو.

• **اَثناء:** ذ. [ع. ثِني = ثَهَ ج أثناء] ثَهَ. (ظرف) وچ ۾ يا هلندي "انهيءَ (جي) اثناءَ ۾ = انهيءَ (جي) وچ ۾. انهيءَ ڳالهہ هلندي."

• **اَثير:** ذ. [ع] آسمان – پولار. باهہ جو عنصر يا گولو. (صفت. عالي – بلند. ڇوندڙيل.

• **اَثيم:** ذ. صفت. [ع] عاصي – گنهگار – ڏوهاري – مجرم.

• **اَثِ:** صفت. [سن. اَپَ] اسر اڳيان ايندڙ حرف جنهن ماڻ ويجهائيءَ يا پرڇي معنيٰ نڪري "اَپيت = ڏري گهٽ ٻيٽ. اَپسَنَڊ = تقريباً سمند. جنهن کي سَ طرفن کان زمين هجي.

• **اَپات:** ث. ڏسو "اَپاڌ".

• **اَپاتُو ج اَپاتو:** ذ. صفت. [سن. ۱. اَپَتي = مسافر. رمتو. ۲. اَپرجته = ڏاريو] آياتو – ڏاريو – بيگانو – اوپرو – اوڪتو. مسافر – واٽهڙو – رولو.

• **اَپاتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = + پاتْر = لائق] نالائق – اڻ جوگو.

• **اَپاپ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پاپ] بيگناهہ – بي ڏوهہ. جو گناهہ کي ويجهو نہ وڃي. مسڪين.

• **اَپاءُ ج اَپاءَ:** ذ. [سن. ۱. اَپاءَ = ويجهو آڻڻ؛ ۲. اَپ = ويجهو + جَنَ = جڻڻ. پيدا ڪرڻ] پيدائش – پيداوار – تخليق. اُپت – آمدني – ڪمائي – اُپراسو – فائدو.

• **اَپادان:** مصدر. [سن] ڪٿي وڃڻ – حاصل ڪرڻ. زوريءَ ڪٿي وڃڻ – پڃاڻڻ. تصرّف ڪرڻ. معنوي تصور (جنهن ۾ حواس معطل ڪري ڇڏجن). انتهائي سبب يا غرض. ايهام (دو معنيٰ لفظ).

• **اَپاڌ:** ث. [سن] فرض ادائيءَ لاءِ ڪٿي يا ويچار. ڪنائتو خيال. اُهو ماڻهو جنهن کي پنهنجي ڪتب جي سنيال جو ويچار هجي. ڏڪي – ڏوهہ – فريب – بيڪ. لقب – مذاقي نالو. نياري خاصيّت. حد. باعث. بي انصافي – ظلم – اندير – ڏاڏ.

• **اَپاڌي ج اَپاڌِي:** ذ. صفت. ڏاڏائي ڪندڙ – سبر – ظالم. ڏڪ – فريبي.

ـ **اَپاڌِي گهٽجن:** بار گهٽجڻ. ڏجي کان ڇٽي پوڻ. تڪليف گهٽجڻ.

• **اَپار:** صفت. [آ = نہ + پار = پرين ڪنڊي] جنهن کي ٻيو ڪنارو نہ هجي – بي ڪنار – بي ڪنڊي – انحد – بي حد. اٿاهہ – بي انت – بي شمار – اَڻپو – گهڻو. اڪيلائي. اها حالت جو ڪا ٻهَر ئي ڪانهي. (۱) "عمر ٿيم اَپار. وره وٽيندييس ڪن سين". (۲) "اُڪند مون اپار. شال منهنجا موتيا" (شاهہ).

• **اَپارُ:** ث. [سن. اَپارْج] نيڪال – روانگي – اُڪلاءَ (ڪم جو).

• **اَپارجته:** ث. [سن. اَپ = ويجهو + اَرْجَ = حاصل ڪرڻ] حاصلات – ڪمائي. اڪتساب.

• **اَپارَجَنْ:** فعل مجهول. [سن. ڏپاڻِر = رَڏل رهڻ] مشغول ٿيڻ – رَنبي وڃڻ – ڪم ۾ غلطان رهڻ.

• **اُپارَجَنْ:** فعل مجهول. [سن. اُپارْجَنْ < اُپْ + اَرْجَ = ويجهو آڻڻ. حاصل ڪرڻ. ڪمائڻ] ويجهو آڻڻ – حاصل ڪرڻ. ڪمائڻ.

• **اُپارڻُ:** مصدر. [ويدڪ اُتْپارَڻ] پار پهچائڻ (مال) هڪڙي هنڌان بئي هنڌ نيڻ. ڪڍو ڪرڻ.

• **اُپاريو ج اُپاريا:** ذ. صفت. [سن. اُپارتَ = رُڪل] گهٽي ڪر وارو – مشغول – اُپاريو. [سن. اُپار] پرين، پر – پري. [سن. اُپارَڪ. اُپارَيتُ] هيٺ – اڻ سکهو – بي طاقت – بيوس "ڪيئن لهندم ڪر، مارو پاڻ اُپاريا" (شاهه).

• **اُپاڙ:** ث. [ويدڪ: سن. اُپارَ] غلطي ـ ڏوهه ـ گناهه.

• **اُپاڙڻ:** مصدر. [سن. اُپارْ] غلطي ڪرڻ – ڏوهه ڪرڻ. رنجائڻ – ايذائڻ. [سن. اُتْپَتْ > اُتپاتن: هـ. اُپاڙنا] پاڙڻون پٽڻ – جڙ اکيڙڻ – بيخ ڪني ڪرڻ. نڏو ڪٽڻ. (اُپاڙيو – اُپاڙيندو – اُپاڙيل).

• **اُپاڙو:** ذ. ڪم جو ٻڌ – ناپو – اناپو.

• **اُپاڙو ج اُپاڙا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + پاڙ] پاڙ ڪان سواءِ ـ بي پاڙو. بي بنياد. (ث) اُپاڙي ج اُپاڙيون.

• **اُپاڙو ج اُپاڙا (ث):** ذ. ٻيڙ جي ڏنگهڻ جو ڏڳ.

• **اُپاس:** ث. [سن. اُپواس] روزو – ورٿ [سن. اُپاسَ] ڏڪ. انتظار.

• **اُپاسا:** ذ. [سن] ڏيان. تفڪر.

• **اُپاسڪ ج اُپاسڪ:** ذ.صفت. [سن. اُپاسڪ] نوڪر – چاڪر. پوڄاري – پوءِ لڳ – پيرو.

• **اُپاسنا:** ث. [سن] بندگي – عبادت – پوڄا. شيوا. عبادت يا تفڪر لاءِ هڪ طرفو ٿي ويهڻ.

• **اُپاڪ ج اُپاڪ:** ذ. صفت. [سن. اُپاڪ < اَ + پچ = پچڻ] اڻ پڪل – خام – ڪچو – اَڻڪ. پرانهون. پري ڪان ايندڙ. بي مثال. [اَ + پاڪ] ناپاڪ – ناپليد.

• **اُپاڪرو ج اُپاڪرا:** ذ. صفت. [اَ + پاڪ] ناپاڪ – ناپليد. اَڻوڻگڙو – هلڪڙو – اڻ ڏيل. مٺاڇرو – سرسري طور.

• **اُپاڻ:** ذ. [سن. اُپانَ = ساهه پاهر ڪڍڻ] ساهه – تنفس. باد – ريح – قوس.

• **اُپانڊ، اُپانڊي:** ث. [سن. اُپانڈ] دغا – ٺڳي – ڪپٽ – ڏوهه – دولاب – ڪوٽ "ڪيي ڪاپڙيءِ قلوب مون، ما يا موهه اُپانڊ" (ڏليت).

ـ **اُپانڊي ج اُپانڊي:** ذ. صفت. ٺڳ – ڪوڙو – ڪپٽيو "وادي، اُپانڊي، ڪوڙئين گهمن ڪيترا" (سامي).

• **اُپاڻ:** مصدر. اپائڻ، آڻائي سنڌي بوليءِ جو متروڪ لفظ.

• **اُپاڻت:** ث. [سن. اَ = نہ + پدْڌَت = رستو. وات. هلت] ناسازي – بي اتفاقي – اَٽڪت – بدسلوڪي.

• **اُپاڻج ج اُپاڻج:** ذ.صفت. [سن. اُپاها = چڏي ڏيڻ. وسارڻ. اُپاڻت لوڏيل. چڏي ڏنل. نڏڪو] بي پهچ – اڌين. مسڪين. هيٺو – ڪمزور – لاغر. لولو لنگڙو. سست.

• **اُپاهڪ، اُپاهڪي:** ظرف. اُپاڪ – اُپاڪي. اوچتو. اچانڪ. اتفاقي.

• **اُپاءِ ج اُپايہ، اُپاؤ:** ذ. [سن. اُپايہ = اَپ + ويجهو + آ = سان + اِ = وڃڻ] بندوبست – چارو – تدارڪ – ٻلو – طريقو – رستو. علاج. تجويز – حيلو وسيلو – تدبير. دشمن مٿان سوچ پائڻ جو طريقو (چار طريقا: ڏڪيڙ وڇهن. صلح جون ڳالهيون هلائڻ. رشوت. ڪلهم ڪلاحملو).

• **اُپائڻ:** مصدر. [سن. اُتْپادْ. اُتْپادَن] پيدا ڪرڻ – خلقڻ. ڪمائڻ (پيسو) ـ حاصل ڪرڻ. [سن. اُتْپَتْ = اچلائڻ]. ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيل پاڻيءِ کي هٿن ڪرڻيءِ سان باهر ڪيڻ. ٻيڙيءِ اندر سميل پاڻي چاڄيءِ سان ڪيڻ. (اُپائيو – اُپائيندو – اُپائيل).

ـ **اُپائڪهار:** ذ. صفت. [سن. اُتْپادَڪ] پيدا ڪندڙ. خالق – سرجڻهار.

ـ **اُپائڪي ج اُپائڪيُون:** ث. پيدائش – اُپت – ڪمائي – آمدني.

ـ **اُپائو ج اُپائو:** ذ. صفت. پيدائش وارو – اُپتائتو – زرخيز. ڪمائيندڙ.

• **اُپٻن:** ذ. [سن. اَپ = مٽي + وَنْ = وڻ جهنگل] جهنگتو. هٿراڏو جهنگل يا باغ.

• **اُپٻيڪ ج اُپٻيڪ:** ذ. [سن. اَپ = ڌري گهٽ – ڏويب = پيٽ] اهو زمين جو ٽڪر جنهن کي تن پاسن کان پاڻي ۽ جوٽين پاسي خشڪي هجي.

• **اُپ پاشا ج اُپ پاشائُون:** ث. [سن. اَپ + پاشا = پولي] ڪيءِ پوليءِ جي شاخ يا فرع. گاڏڙ پولي.

• **اُپ پرَنْش:** ث. [سن. اُپپْرَنْش < اَپ = هيٺ + پْرَنْش = ڪرڻ] معيار کان ڪريل لفظ. غير معياري پولي. ڪريل يا بگڙيل پولي. پراڪرت پوليءِ مان تمام بگڙيل پولي. ڳوٺاڻي نادرست پولي. ويا ڪرڻ جي قانون خلاف لفظ. خراب ڏڪو.

• **اُپت:** ث. [سن. اُپتِ] بي ويساهي – بي اعتباري – ڪُپٽ. بي عزتي. ظلم.

ـ **اُپتڙوتا:** بي پتي يا بيوفا عورت.

ـ **اُپتيارو، اُپتيو ج اُپتيارا، اُپتيا:** ذ. صفت. بي پتيو – بي اعتبار – ڪُپٽيو.

• **اُپتہ:** ث. [سن. اُتْپتَ < اُدْ = مٽي + پدْ = پيدا ڪرڻ] پيدائش – پيداوار – ڪمائي – آمدني – حاصلات.

ـ **اُپتائتو ج اُپتائتا:** ذ. صفت. اُپت وارو – آمدني وارو – پيدائش وارو.

• **اُپتاپ:** ذ. [سن. اُپتاپ] گرمي. درد – مرض. مصيبت – بدبختي.

• **اُپتپائڻُ:** مصدر. [سن. اَپ + تَپْ] ڪڪ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ. زور پرڻ – گهٽو چوڻ – اصرار ڪرڻ.

• **اُپٹ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پٹ = رستو] غلط رستي تي هلندڙ - گمراھ - کُراٽ.

• **اُپڀي، اُپٽيو:** ذ. صفت. [سن. اَ + پٹیہ = دوستاٹو. موافق. فائدہ مند] دير هضر - ناموافق.

• **اُپڻ:** ث. [سن. اُدْ گھٹْ = پتن. ظاھر ڪرڻ] پڌرائي - اظهار - اِنڪشاف - واشگافي. اُگھٽ - اوگھڙ - ذڪر - بيان. خبر - سَڌ "پئي ڪان اُپڻ. وَري ويچ وصال جي" (خانہ زئي).

• **اُپڻار ج اُپڻارُون:** ث. [سن. اُدْ گھٹْ] پڌرائي - اظهار - واشگافي. خبر - پچار - ڳالھ - ذڪر. ٹوري سُٹس - باڦور. قولھ. چيڙ چاڙ.

ـ **اُپڻارپوڻ:** مصدر. ٹوري خبر پوڻ - باڦور ملڻ - سُٹس پوڻ.

ـ **اُپڻار ڪرڻ:** ذڪر اذڪار ڪرڻ. ڪا ڳالھ چيڙڻ - پچار ڪرڻ. واضح نموني ور ڳالھ ڪرڻ.

• **اُپڻارڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + گھٹْ] ذڪر ڪرڻ - بيان ڪرڻ. پچارڻ. (راڻ) ڪولڻ. (وري) جوڻ (ڪا ڳالھ). پڌرائي ڪرڻ - واشگافي ڪرڻ.

• **اُپڻ:** مصدر. [سن. ۱. اُدْگھٹْ. ۲. اَتِپَتَنْ < اَتْ = مٿي + پَتْ يا پَدْ = پيدا ڪرڻ] پتڻ - ڪولڻ - واڪرڻ. ظاھر ڪرڻ - واشگاف ڪرڻ. ۱. "مُٺ پيڙهائي پلي. جو اُپڻي تہ واءُ" (شاھ ڪريم). ۲. "دستگير ڏي. اُپت ڪا اَحسان جي" (شاھ) (اُپڻيو - اُپڻيندو - اُپڻيل).

ـ **اُپڻ:** ث. اُپڻ جي حالت - ڪولڻ جي حالت. پڌرائي - اظهار - واشگافي. اوگھڙ. ڳالھ - ذڪر.

ـ **اُپڻاڻ:** مصدر. ("اُپڻ" مان متعدي بالواسطه) ڪولائڻ - پڌرو ڪرائڻ - ظاھر ڪرائڻ.

ـ **اُپڻجڻ:** مصدر. ("اُپڻ" مان فعل مجهول. ڪلڻ - پڌرو ٿيڻ - ظاھر ٿيڻ.

• **اُپڻڪ:** صفت. [ھ] هٹين پيرين شل - ارڏانگي.

• **اُپڻڻ ج اُپڻڻ:** ذ. اُپڻ يا اُپتن.

• **اُپڻڻ:** مصدر. [ھ. اُپڻْنا]. ٿڪجي پون. ڪڪ ٿيڻ.

• **اُپلو ج اُپلا:** ذ. صفت. [سن. وِپْرِيْسْت - اُلتو سلتو] اُلٽو - اوندو. ڏانوا ڏول. پريشان ڪندڙ. (ث) اُپني ج اُپنيون.

ـ **اُپلي نظر:** ث. اُلٽي يا نامهرباني، جي نظر.

• **اُپيتني ج اُپيتنيُون:** ث. [سن. اُپ = ڏري گھٹ + پتني = زال] سينڊي - ساهيڙي. وٹسيا.

• **اُپيتي ج اُپيتي:** ذ. [سن. اپ = ڏري گھٹ + پت = مڙس] يار. سينڊو - جگھ.

• **اُپيراڻ:** ذ. نندو پراڻ (جو ڪنهن پراڻ جو تفسير هجي).

• **اُپَج، اُپَڄ:** ذ. [سن. اُپجات < اُپ = مٿي - خن - جتن. پيدا ڪرڻ] پيدائش - خلقت. جَڙ.

• **اُپجاءُ:** صفت. [سن. اُپجَن] آباد - سرسبز - وسندڙ - پلو.

• **اُپجائڻ:** مصدر. [سن. اُپجَن] پيدا ڪرڻ - خلقڻ. جڻڻ.

• **اُپجَتن:** [سن. اُپ - ويجهو هيٺ + يَتْ = جتن يا سعيو ڪرڻ] جتن. سعيو - تياري.

• **اُپجَسُ:** ذ. [سن. اپ = گھٹ - يَشْس = جَس] بدنامي - خواري - گلا - رُسوائي - بي عزتي - توهين. برائي. داغ.

ـ **اُپجَسي:** صفت. بي جس - ڪجس - خواري، جهڙو.

• **اُپجڻ:** مصدر. [سن. اُپجَن < اُپ = هيٺ ويجهو + جَنْ - جتن] پيدا ٿيڻ - پڙپڻ.

• **اُپجڻ:** فعل مجهول. جڻجڻ. اپڙڻ - پيدا ٿيڻ - نيسرڻ - ڦٽڻ (بج). ظاھر ٿيڻ - نڪرڻ.

• **اُپَجَڏُرُ:** ذ. صفت. جو پُڄي نہ سگھي - بي پهچ - ڪمزور - هيڻو.

• **اُپَجَن اُپَجرا ج اُپَجرُون، اُپجرائُون:** ث. [سن. اَپَسَرَس، اَپْسرا] پري - اَپسرا. تمام سُهڻي عورت - حور.

• **اُپديش ج اُپديشَ:** ذ. [سن. اَپ =ويجهو + دِش + ڏيڪارڻ] نصيحت - پَنڊ - وعظ - پرچار - هدايت - تعليم - سکيا. صلاح.

• **اُپديشَڪُ، اُپديشي:** ذ. صفت. واعظ - ناصح - هادي - صلاحڪار.

• **اُپَر:** صفت. [انگ. upper] مٿاهون - مٿيون.

ـ **اُپَر سَنڈ:** ذ. سنڈ جو مٿيون حصو.

ـ **اُپَر ڪلاس:** مٿاهون درجو (ريل گاڏي، يا سٹيمر ۾).

• **اُپر:** صفت. [سن. اُپارَ] جهجهو - گهڻو. لاثاني - بي مثل. ويتر - اتلو - هيڪاري. اعليٰ. وڏي معنيٰ واري. وڏي فڪر سان. سمجهه ۾ اچڻ جهڙي. وڏو شاهي. غير معمولي. نرالو. گهڻو. "اپر آگانجهو ٿيو. سُور انين کي سڪ" (شاھ).

• **اُپر:** حرف جر. ظرف. [سن. اُپر] مٿاهون - مٿي.

ـ **اُپر اُپر:** ظرف. مٿي مٿي - تمام مٿي. وري وري - ساندھ.

• **اُپراڏ ج اُپراڏ:** ذ. [سن. اُپراڏ: اُپ= خراب طرح سان + راڏ = پورو ڪرڻ] پرا. اوزڙ] گناھ - ڏوھ - دوش - پاپ - قصور. ظلم.

ـ **اُپراڏي ج اُپراڏي:** ذ. صفت. گنهگار - ڏوهي - خطاڪار. ظالم - پاپي.

• **اُپراڏو:** صفت. [سن. اَپرجنّه] اوپرو - ڏاريو - اوڪٿو - ان جاڻو.

• **اُپراڙو (ث):** ذ. باهريون پاسو.

• **اُپراسو (ل):** ذ. [سن. اُپ = گڏ - راس = ڏيڻ] آمدني - پيدائش - اُپت - ڪٽيو - ڪمائي. صافي ڪمائي. لاڀ - نفعو - فائدو.

• **اُپرانْت:** ظرف. [سن. اُپرانْتْ < اُپَر = مٿان + اَنْتَ = ڇيڙو] پوءِ ـ بعد ـ تنهن کان پوءِ ـ انهيءَ بعد ـ انهيءَ مٿان. بچت ـ باقيات. اوپر ـ جوڙ ـ وتاريل.

• **اُپراٽو (ٽ):** ذ. صفت. پيرن اڳهاڙو.

• **اُپراڙي:** صفت. [هـ] جهيڙاڪار ـ جهگڙالو.

• **اُپرت:** صفت. [سن] نيارو. نفساني خواهشن کان الڳ ـ تارڪ ـ تياڳي. مُڪل.

• **اُپرتاپ:** ذ. [سن. اَ = نہ + پْرتاپ = روشني. تيزي] مَڏائي. جهڪائي. طاقت يا بخت جي اڻ هوند.

ـ **اُپرتابي:** صفت. مڏو. بي طاقت. بدبخت.

• **اُپرتيت:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پْرتِيت = مشهور. نالي وارو. اعتبار. ايمان] بي اعتبار ـ بي ايمان ـ بي نام.

• **اُپرتيتي:** ٿ. بي اعتباري.

• **اُپرواتي:** ٿ. [سن. اَ = نہ + پَر = موجب + پَتْ = هلڻ] راهہ ۾ رسم کان انحرافي.

• **اُپريايو (ٽ):** ذ. [سن. اُپر = مٿي + پاد = پير] جانور ـ ڍور ـ چوپايو.

• **اُپريڪا:** ٿ. [سن. اَ = نہ پَر = موجب + اِيْش = ڏسڻ] عدم آزمايش يا عدم ثبوت.

• **اُپرڙاڻ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پُرڙان = مڪمل] تابع ـ ثانوي ـ خميس. بي طاقت.

• **اُپرس:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سپَرْش = ڇهڻ] نہ ڇهڻ جهڙو (اشنان بعد ۾ ڪائڙ ۾ پوجا کان اڳ هڪ هندوءَ جي اها حالت جنهن ۾ هن کي ڪاب شيءِ ڇهڻ حرام آهي). نہ ڇهندڙ. ڪنهن به دنيوي شيءِ کي هٿ نہ لائيندڙ ـ پرهيزگار "اَنيڪي اُپرس. ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو" (سامي). [ع. اَبْرص] ڪوڙهيو.

• **اُپرسادي:** صفت. [سن. اَ = نہ + پُرسادي = جيڪي ديوتائن کي اڇجي] پيتا جو اڻ لائق.

• **اُپرش:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ پُرُشَ = مرد] نامرد. زنانو.

• **اُپرماڻ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پْرماڻ = ثابتي] بي ثابتي ـ ڪوڙو.

• **اُپرمپار اُپرنپار:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَرمَ = اصل + پارَ = درياءَ جو پرين طرف] بيحد ـ بي انت.

• **اُپرونجا:** ذ. [هـ] انگوڇو ـ تووال.

• **اُپريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ضلع خيرپور ۾).

• **اُپريت:** ٿ. [سن. اَ = نہ + پْرِيت] دشمني ـ عداوت.

• **اُپريمَر:** ذ. [اَ = نہ + پريمر] اُپريت ـ دشمني ـ خصومت ـ ڏڪار.

• **اُپريل:** ذ. [انگ. April] عيسوي سال جي جوٽين مهيني جو نالو.

• **اُپريل فُول:** ذ. اپريل جي پهرين تاريخ ڪيل چرچو.

• **اُپريو ج اُپريا:** ذ. ڪٽ جي مٿي يا پيرن واري ڪاٺي ـ اوپرو ـ سيرون.

• **اُپڙ:** صفت. [اَ = نہ + پڙ < پڙڻ] نہ پڙندڙ ـ پورو نہ پوندڙ. اڻپورو ـ ناقص.

• **اُپڙ:** ذ. [سن. اُتْكَرْش] واڌ. اُتَرَ (جو متا ستا ۽ ڏجي يا ونجي).

• **اُپڙائڻ:** مصدر. توري پنڌ نائين چڏي اڇڻ ـ اماڻڻ ـ پهچائڻ. پار ڪرڻ. جلدي ڪرڻ ـ اڪلائڻ. ڏرو ٽيڪ ڏيئي مٿي ڪڍڻ (زمين تي ٻيل ڪنهن ڳري شيءِ کي). (اُپڙايو ـ اُپڙائيندو ـ اُپڙايل).

• **اُپڙُت:** ذ. صفت. اُپرت.

• **اُپڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْپَتَن ـ اُتْپَتْ < اُدْ = مٿي + پَدْ = وڃڻ] مٿي ٽپڻ ـ ڪڇڻ. اُسرڻ. وڌڻ ويجهڻ ـ مٿي چڙهڻ. پيدا ٿيڻ. اُپرڻ. غالب پوڻ. بهتر حالتَ ۾ ٽپڻ ـ سڌرڻ. باهر نڪرڻ "ڏنگي وچ درياهہ، ڪي ٻڌي ڪي اُپڙي" (شاهہ). ٽڪو هلڻ ـ ٽڪڙو هلڻ ـ وک وڌائڻ "جَت وچي ٽو زور، اُپڙ تان اوڏي ٽشين" (شاهہ). (اُپڙيو ـ اُپڙندو ـ اُپڙيل).

• **اُپڻ:** صفت. [سن. اَپَشْيه = نہ ڏسندڙ] اڻ ڏٺل ـ ناديدہ جو ڏسڻ ۾ نہ اچي. (ظرف) [سن. اَن پيكْشْتْ] اتفاق سان ـ انڌاڌُنڌ ـ اوچتو ـ ناڳاه ـ قضائي ـ بي خبريءَ ۾ ـ پَڌس.

• **اُپڻ، اُپڻ:** ٿ. [هـ. اُپَس: سن. اُچْشْتْ] بدبوءِ ـ پاروٽائي ـ گندگي.

• **اُپنيرا ج اُپنيرائون:** ٿ. [سن] اَبچرا.

• **اُپنڙگ ج اُپنڙگ:** ذ. [سن. اُپنَڙگ < اُپْ = ويجهو ـ نَڙْجُ = پيدا ٿيڻ. رکڻ. پرا. اَوَنگَ] اهو اڳياڙيءَ وارو حرف جو اسر يا فعل اڳيان اچي ان جي معنيٰ ۾ ڦيرو اڻي "اُ. اَن. بي وغيره" ـ صفاتي اڳياڙي (prefix). ڏاڍو يا بنياد جي اڳيان ڪم ايندڙ نشاني. واڌ. تڪليف ـ بدبختي. اهڃ ـ اُپٽ. روڳ ـ بيماري. جن جو واسو. موت جي نشاني.

• **اُپنگڻُ ج اُپنگڻَ:** ذ. [سن. اَپ شَكْنَ < اَپَ = خراب + شَكُنَ = سَڳُن] اَپَشوڻ ـ بدشگون ـ بدسوڻ ـ خراب فال.

• **اُپنماڙ:** ٿ. [سن. اَپ = نہ + سْمَر = ياد ڪرڻ] ويسر جو مرض ـ مرڪهي.

• **اُپنمنڊ ج اُپنمنڊ:** ذ. [سن. اَپ = جهڙو. ذري گهٽ + سَمُنْدر = سمند] سمند جو اهو پاڻو جنهن کي ٽن پاسن کان زمين هجي ۽ جوٽون پاسو پاڻي ساڻ ڳنديل هجي.

• **اُپنڪي:** صفت. [سن. اُپسَنْگِرْ = هڪ بئي جي ويجهو اچڻ. ڪنهن ناتي يا شرط ۾ داخل ٿيڻ] مددگار.

• **اَپَسُرُ:** مصدر. پَسَرُ "وٺي ها قلات، جيڪس لوڙها اُپسيا".
• **اَپَسَرُ، اَپَسُرُ:** ذ. وهر – سُس.
• **اَپِڪُ:** ذ. صفت. [اَ + پِڪُو = پِڪو] اَڻ پِڪو – ڪچو، پورو هضم نہ ٿيل. (ظرف) اَپاڪَ – اوچتو.
• **اَپَڪار:** ث. [سن. اَپَ = خراب + ڪار = ڪر] خراب ڪر – غلطڪاري، بَرائي، ايذاء، نقصان، ظلم – دشمني.
• **اَپڪار اَپَڪارَ:** ث. ذ. [سن. اَپَ = ڏانهن، ويجهو، سانڀ + ڪْرِ = ڪرڻ] مدد، فائدو، شيوا، مهرباني – پلائي "ست گر جو اَپڪار، ڪهڙو ڳڻيان مُک سان" (سامي).
• **اَپَڪاري ج اَپَڪاري:** ذ. صفت. مددگار، جڳائي ڪندڙ، فائدو بخشيندڙ.
• **اَپِڪ ج اَپِڪَ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + پَڪُش = پر، ڪنپ] پرن يا ڪنهن ڪان سواءِ – پي پرو، پي مددگار.
• **اَپِگرهَ ج اَپِگرهَ:** ذ. [سن. اَپ + گرهَ] ننڍيو گرهه (جو ڪنهن ٻئي وڏي گرهه جي جوڙاري قرندو رهي ۽ ان جي ڪشش جي زير اثر هجي، جهڙوڪ چنڊ، جو ڌرتيءَ جو اَپگرهه آهي).
• **اَپَل ج اَپَلُ:** ذ. صفت. نہ بلجڻ جهڙو، جو روڪجي يا جهلجي نہ سگهجي – اڻ جهلُ، ڇيڪ.
• **اَپلاڻ ج اَپلاڻا (ث):** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پْرِيَانُ – پَلْيان: نہ پالان] بنا پلان يا پاکڙي جي (اُٺ).
• **اَپلَجُ ج اَپلَجَ:** ذ. صفت. [سن. اَپَلَجَا] بي لجو – بي حياءُ
– **اَپلَجا، اَپلَجائي:** ث. بي لجائي، بي شرمي.
• **اَپلگ:** ذ. [سن. اَپ = خراب + لَگّ] خراب رشتو – خراب تعلق.
• **اَپلِيو:** ذ. صفت. اَڻ پليو. اَڻ جهل "آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن اَ پليو نہ رهي" (شاهه).
• **اَپَما، اَپَمان:** ث. [سن. اَپ = ويجهو، سانڀ، گڏ + مَا = ماپڻ] هڪجهڙائي – مشابهت – تشبيه – پيٽ.
• **اَپَمانُ ج اَپَمانَ:** ذ. [سن. اَپَ = خراب، گهٽ + مان = عزت: پرا. اَپَمانُ] بي مانائي – بي عزتي – توهين.
– **اَپماني ج اَپماني:** ذ. صفت – بي عزّت – خوار.
• **اَپَنْ:** ذ. [سن. اَ = نہ + پَثَ = رستو] خراب رستو – بي راهي – ڪفر.
– **اَپَنْڌي ج اَپَنْڌي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَثَ = رستو] بي دَوَم – بي دين، گمراه، بي راهه.
• **اَپَنشَدُ:** ذ. [سن. اَپَ + نِشَدَ] اهو الاهي علم جو جهالت کي دور ڪري، باطني اصول ۽ عقيدا (جي ڪن برهمڻن جي ڪتابن ۾ موجود آهن) جن جي وسيلي ويدن جي اندروني معنيٰ معلوم ٿئي، سچو علم.
• **اَپَنگ ج اَپَنگَ:** ذ. صفت. [سن. اَپانگَ] پنگلو – جڏو. ڪنهن به عضوي کان بيڪار.
• **اَپَنا:** صفت. [سرائڪي] اَپنا – پنهنجو.
– **اَپَنڀائي:** پنهنجي ساراهه پاڻ ڪرڻ – پاڻ پڌائي.
– **اَپَنائت، اَپنايت:** ث. پنهنجائي، ڪُٽنب – پار ڀڃا، مٽ مائٽ.
• **اَپنائڻ:** مصدر. اَپڙائڻ.
• **اَپَنڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + پَرَنَ = هوا] هوا ۾ اَڏ صاف ڪرڻ – واڙڻ. انَ مٽيءَ کان ڌار ڪرڻ.
• **اَپَنو ج اَپَنا:** صفت. [سرائڪي] پنهنجو – اَپڻو. (ث) اَپڻي ج اَپڻيُون.
– **اَپڻي گهوڙي:** پاڻ تي پاڙڻ. پنهنجي سرمحنت ڪرڻ ۽ ڪمائڻ "اپڻي گهوڙي گهوڙ نہ نشا ٿيوي".
• **اَپواسُ ج اَپواس:** ذ. [سن. اَپَواسَ (= اَپَ = ويجهو + وَسْ = رهڻ): اَوَ واسَ] روزو – وَرْتُ، فاقو.
– **اَپواس رکڻ:** روزو يا ورت رکڻ. لنگهڻ ڪڍڻ – فاقو ڪڍڻ.
– **اَپواسي ج اَپواسي:** ذ. صفت. روزائتو – ورت وارو، فاقه ڪش.
• **اَپوتّ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پُتْر = پُت] بي اولاد – نپُتو، بي جيو. [سن. اَ + پَوِتْر] ناپاڪ – پليد.
• **اَپوتْر:** صفت. [سن. اَ = نہ + پوتَر = پاڪ] ناپاڪ – پليد – نجس.
– **اَپوتْرائي، اَپوتْرتا، اَپو ترتائي:** ث. ناپاڪي – نجاست – پليدي، غلاظت.
• **اَپوتّ:** ذ. صفت. اَپوتْر.
• **اَپَڀ ج اَپوپ:** ذ. [سن. اَپوپ] موٽيءِ ٽِڪي – موٽي – لولي.
• **اَپوڄ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پوجيَ] نہ پوجڻ جهڙو.
• **اَپوجا:** ث. [سن] بي ادبي – اَباني.
• **اَپورَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + پُورْ] اڻ پورو – نامڪمل – ناتمام – ناقص.
• **اَپولو:** اسم خاص. [يوناني Appolo] يونان جي قديم يارهن ونڊ ديوتائن مان هڪ جو نالو (جو جواني، خوبصورتي ۽ راڳ جو ديوتا سمجهيو وڃي ٿو).
• **اَپويدَ ج اَپويد:** ذ. [سن. اَپَ – ويدَ] ثانوي علم، جنهن ويدن جا ضميما پُراڻ.
• **اَپهُتو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَدْوَتِ = رستو، ريت] اوندهيءِ ريت وارو – ڪريتو، اهنڌ – نالائق – نامناسب.
• **اَپَهِجُ (ا):** صفت. بي پهچ – بي طاقت – بي وَس.

• **اَڀهَسَ:** ظرف. ڀهَس. جلد – شتاب "اَڀهَس اَٽي عيسو جوي. وڃي ٽي تن سين گڏ" (ميون عيسى).

• **اَڀهَڪ، اَڀهڪي:** ظرف. اڀاڪ – اوچتو – ناگاه ـ امالڪ. ارادي کان سواءِ ـ بنا ويچار جي.

• **اَڀهو اَڀ:** ذ. [آواز] جنهن جو اُن کي هڪلڻ جو مخصوص آواز.

• **اَپيتو ج اَپيتا:** ذ. صفت. [سن. اَدْ + پيت] وڃ يا پيٽ باهر نڪتل – اَپريل – ماهي پُٺ – ڪُبو.

• **اَپيارا:** ذ. صفت. [اَتِتْ = رمتو فقير] غريب – مسڪين – سُڄو. پتير – چور.

• **اَپيريُ:** ث. اها وات جنهن ۾ پير هٿ نه اڃي – ڪبيري "اَپيريءَ ۾ پير ڪنين پاتو پيربين" (شاهه).

• **اَپيل ج اَپيلون:** ث. [انگ. Appeal] هيٺينءَ ڪورٽ ۾ ڏنوئي ملڻ بعد اُن کان مٿينءَ ڪورٽ ۾ داد ملڻ لاءِ وري ڪيل پڪار.

• **اَپينڊي:** ث. گهرج – احتياج – ضرورت – ڪَپ – لوڙ.

• **اَپيوگ:** ذ. [سن. اَپيوگ] مشغولي – ڪم – خدمت – فائديمندي. دوا درمل ڪرڻ. لاڀائي. گڏجاڻي – ويجهڑائي. واجبي هلت.

ـ **اَپيوگي:** ذ. صفت. لائق – قابل ڪار – استعمال جوگو. ڪمائتو.

• **اَڀ:** ذ. [سن. اَجَ] ٻڪر – ٻڪرو – ٽيئر. گهيٽو.

• **اَڀا:** ث. [سن. اَجا] ٻڪري.

• **اِجابت ج اِجابتُون:** ث. [ع. اِجَابَة = جواب ڏيڻ] جواب – قبوليت – منظوري – مڃتا – اقرار. ياڃاڻي اُجهو جي حالت – خلاصو پيٽ.

• **اَجاتَ ج اَجاتَ:** ذ. صفت. [سن. اَجَاتَ = اَڻ جاول] جو اڃا نه جائو هجي – اڻ پيدا ٿيل – اَڻ سرجيل. اَبدي. [سن. اَ + جات = ذات] جنهن جي ذات يا ورن (ٻَڪسبو) نه هُجي. ذات پات مان نڪتل. نيات کان نڪتل – ٽالهين مان لٿل. نڙگو، کان نڪتل.

• **اَجائپ:** ذ. صفت. [سن. اَ – جاپ = جپڻ] ـــ ٻس ڪري پڙهڻ] مڙ مٺ ڪري مالها يا تسبيح پڙهڻ يا عبادت ڪرڻ. ويڙن جا ٽڪرا جهيڻي آواز ۾ يا ٻُڙ ٻُڙ ـــان پڙهڻ.

• **اِجارُ ج اِجارون (ڪ):** ث. [ع. "ازار" جو بگڙيل ٻهراڙيءَ جو تلفظ] ازار – سلوار – ٻڌڻ – ڪانچ.

• **اَجارَڻ:** مصدر. [سن. اَجْجول < اَجْ. اَدْ + جُوْلْ = جمڪڻ] صفا ڪرڻ – پالش ڪرڻ. جمڪائڻ (مهٽي يا صاف ڪري). صيقل ڪرڻ "آيا اَجارين. تيگ تراريون تيورا" (شاهه. سُونارن جي اصطلاح ۾ سون چاندي وغيره کي صاف ڪري (تيزاب ۾) چلڪائڻ – اوجاڻ ڏيڻ – اوجارڻ. روشن ڪرڻ (ٽالو). ٽالو پڏرو ڪرڻ – ناماڃار ڪيڻ (وڏن جو). سينگارڻ. سينگاري ٿاهي دفن ڪرڻ (لاش کي). (اَجاريو – اَجاريندو – اَجاريل).

ـ **اَجارُ:** ذ. صفائي – صيقل – اوجار. جمڪو – چلڪو. (صفت) اجاريندڙ – صاف ڪندڙ – جمڪائيندڙ.

ـ **اَجارائڻُ:** مصدر "اَجارڻ" مان متعدي بالواسطه. صاف ڪرائڻ. صيقل ڪرائڻ. چلڪائڻ. ڪَٽَ ڪيائڻ. مَٺَ ڪيائڻ.

• **اَجارو ج اَجارا:** ذ. جمڪو – چلڪو. صيقل. روشني – سوجهرو. تجلو. نيڪنامي. (اسم فاعل) اَجاريندڙ – جمڪائيندڙ. ناموس ڪيندڙ.

ـ **اَجاري چَڙهڻ:** (ٺٺولي، ۽) اڏي چڙهڻ.

• **اِجاري، اِجاره:** ذ. [ع. اِجارَة] محصول. ٽاڪو. محصول اڳاڙڻ جو نيڪو. ٻَڌو. نيڪو – مقاطعو. لاڀو. پاڙو – ڪرايو. اهو محصول جو پاڻي درياهه پار ويندڙ مسافرن کان ولي.

ـ **اِجارَه دار:** ذ. صفت. نيڪيدار – مقاطعه دار.

ـ **اِجاره داري:** ث. نيڪيداري – مقاطعو.

ـ **اِجاره ڪولاب:** ذ. سيلابي زمين ۽ ڏندن واريءَ زمين تي آبادي ڪرڻ جو نيڪو. ڏندن جو نيڪو.

ـ **اِجاره نامو:** ذ. نيڪي جو سَنَد.

• **اَجاڙ:** ذ. [هـ] سڻيءَ جو ٽلهو ڪپڙو.

• **اُجاڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْ = مٿي + جُڙِي – جَاڙَڻ = ناس ڪرڻ] ويران ڪرڻ – سَڄ ڪرڻ – برباد ڪرڻ – جَٽ ڪرڻ "ڪانهي ڪاڻ ڪَٽَڻ جي سجل ڪي. آٽڻ دوست اُجاڙيون هليو ويو" (سجل). (اَجاڙيو – اُجاڙيندو – اُجاڙيل).

ـ **اُجاڙُ ج اُجاڙون:** ث. ويراني – سُڃ – پينگ "ڀنيوران اُجاڙ. سرتيون سڪر پائشيان" (شاهه). (صفت) برباد – ويران – غيرآباد.

ـ **اُجاڙ ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – ويران ڪرڻ – سڄ ڪرڻ – پينگ ڪرڻ.

ـ **اُجاڙي چَڙهڻ:** برباد ڪري چڏڻ – ويران ڪري چڏڻ.

• **اِجازَت:** ث. [ع] موڪل – رخصت – منظوري. تعويذ لکڻ يا عمل ڪرڻ جي اِجازت (جا مرشد يا استاد ڏئي). ـ ڏيو.

ـ **اِجازَت خواه:** ذ. موڪل گهرندڙ.

ـ **اِجازَت نامو ج اِجازت نامَا:** ذ. اِجازت جي سند. مختيارنامو.

• **اِجازو:** ذ. [ع. اِجازه] سَنَد. ٽوڪي اِجازو يا نبي ڪامل کوٽر جو".

• **اُجاڳ ج اُجاڳ (ث):** ذ. چلڪو – جمڪو – روشني.

• **اُجاگر:** صفت. [هـ] روشن.

• **اُجالو:** ذ. [سن. اُجْجُوَلا] روشنائي – تجلو – جمڪو. سوجهرو – سُهاڻو. اُجارو – اُوجَر.

• **اُجالي:** ث. [سن. اُجْجُوَلا] ٽاپ – روشني.

• **اُجاهُر:** ذ. [سن. جاهْرَه] اَمرت جل – آب حيات.

• **اُجاهُر جو پاڻي پيڻ:** تمام وڏي عمر جو ٿيڻ.

• **اُجايو ج اُجايا:** ڏ. صفت. [اَ + نہ + جايو < ف. جا] بيجا – غير ضروري – بيسود – بي فائدو – بيڪار – ڪنهن نہ ڪم جو – فضول. بيهودو – خواه مخواه. گهٽو. (ث) اُجائيُ ج اُجايُون.

ـ **اُجايو پاڻي ولوڙڻ:** بيسود ڪوشش ڪرڻ – اُجائي محنت ڪرڻ.

ـ **اُجائي کي سَجايو ڪرڻ:** بيڪار کي باڪار بنائڻ – فضول ڳالهه ۾ حقيقت پيدا ڪرڻ.

• **اِجبار:** ذ. [ع] جبرو – زور – زبردستي.

ـ **اِجباري:** صفت. زوري – لازمي – جبريہ.

ـ **اِجباري تعليم:** ث. زوري تعليم.

• **اِجتماع ج اِجتماعَ:** ذ. [ع] ميڙ – مجمع ميلو . ميٽنگ – سميلن. جماعت – سوسائٽي. سج ۾ چند جو هڪ برج ۾ هڪ درجي ۾ هڪ دقيقہ ۾ گذجڻ (انهيءَ وقت چند نظر ڪان غائب ٿي ويندو آهي.

• **اِجتماعِ ضِدين:** اصطلاح. ٻن اهڙين شين جو پاڻ ۾ گڏجڻ جن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ممڪن نہ هجي (جيئن "باهہ ۽ پاڻي").

ـ **اِجتماعِ ثَيرَيْن:** ذ. سج ۾ چند جو هڪ برج ۾ گڏ ٿيڻ واري حالت.

ـ **اِجتماعي:** صفت. مجموعي. جملي – گڏيل – ساريءَ جماعت سان تعلق رکندڙ – سوسائٽيءَ سان وابسته – سماجي.

• **اِجتنابُ:** ذ. [ع] ڪري – پرهيز – رک.

• **اِجتهادَ ج اِجتهادَ:** ذ. [ع] ڪوشش – اُدم. حديث مان پنهنجي علم ۽ فراست سان ڪو نئون فقہ جو نڪتو يا اُصول پيدا ڪرڻ.

• **اَجَپو (ث):** ذ. صفت. [سن. اَجَپ = اَ + نہ = جَپ = دل ۾ ياد ڪرڻ] جو ياد ڪري نہ سگهجي. ناشدني – اَڻ ٻُڌو. ناممڪن.

• **اجچر:** ذ. [سن. اج = بڪر – ڪائڙ] ارڙ نانگ (جيڪو بڪر کي ڳهي ويندو آهي)، ڪارونانگ – واسينگ نانگ.

• **اَجداد:** ذ. [ع. جَدّ ج اَجداد] ڏاڏا. ابا ڏاڏا – وڏا بزرگ.

ـ **اَجر ج اُجر:** ذ. [ع. اَجْرج اَجور] عوض. ڦل. جزا. ثواب.

ـ **اَجرِ عَظيم:** ذ. تمام گهڻو عوض. تمام وڏو ثواب.

• **اَجَڙ:** صفت. [سن. اَ + جَرِيَ] هضم نہ ٿيندڙ – دير هضم. [سن. اَ + جَر < جُڑي = پيو ٿيڻ. ناس ٿيڻ] دائما جوان. غيرفاني "جنهن ۾ اَجَر اَمَر ٻرڪ وَسي پر ماتما" (سامي). [سن. اَجَوَرْ < اَ + پ + جُوَرْ = جَرڻ] نہ هرندڙ – اُهو جنهن کي باهہ نہ ساڙي سگهي.

ـ **اَجَرُ جَري:** صفت. غير فاني – اَمَر "ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو سمجهي اَجَرُ جَري" (سامي).

• **اَجَرُ ج اَجَر:** ذ. [سن. اُجْجوَلَ] سون. چانديءَ وغيره ڏاتن مان ٺهيل شين جي صفائي – چمڪو – اوجَر.

• **اِجرا، اِجراءُ:** ذ. [ع. اِجراء = جاري ڪرڻ] تعميل – بجاوري – سر انجامي. نيڪال.

• **اِجرا ڪرڻ:** جاري ڪرڻ – تعميل ۾ آڻڻ.

• **اَجرامَ:** ذ. [ع. جِرْم ج اَجرام] جِرمَ – اجسام.

ـ **اَجرامِ جَرْخ، اَجرامِ سماءُ، سماوي، اجرامِ فَلَڪي:** ذ. آسماني جسم – ست گره يا سيارا – ثابت تارا – ثوابت.

• **اِجرامُ:** ذ. [ع] جرم يا ڏوهہ ڪرڻ.

• **اَجرائيُ:** مصدر. اُجارڻ – جرڪائڻ – چمڪائڻ.

ـ **اَجرائي ج اَجرايون:** ث. صفائي – سڻائي – پاڪيزگي.

• **اُجرتَ ج اُجرتُون:** ث. [ع. اُجرة] عوض. محنتاڻو. مزوري. قيمت.

• **اَجرڪَ (ث)، اَجرڪ ج اَجرڪُون، اُجرڪ:** ذ. [ع. اَزْرَقَ = نيلو. اَجرڪ ۽ بنيادي رنگ نيلو ٿيندو آهي] هڪ قسم جي رڱيل ۽ ڇپيل ڏيڪن واري چادر. جا خاص طور سنڌ ۽ ڪلهن تي ڪرن. پٽڪي يا گوڏ بڌڻ لاءِ استعمال ٿئي. جتسالي، جي لحاظ کان "ڪڪر"، "دهلي" وغيره قسم اٿس. "هِ پَرِي اَجرڪَ" يعني هنهي پاسن کان رڱيل.

ـ **اُجرڪ چندڻ:** ڪاوڙجي اُٿڻ.

ـ **اُجرڪ ڪلهي تي رکڻ:** سنيرڻ – وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڪاوڙجي وڃڻ.

• **اُجرڪاري:** ث. صفت. [اُجرڪ + ڪار] اَڌ سفيد ۽ اَڌ سُرخ – جنگمري.

• **اَجَر گُجَر:** ذ. گند ڪچرو. (صفت) ڪين جهڙو – خسيس. گندو – ڪنو.

• **اُجرڻ:** مصدر. [سن. اُجْجوَلَ] صفا ٿيڻ – روشن ٿيڻ – چمڪڻ "شڪرالحمدالله اُجريو آڏيءَ آڳڻ احمد. سڄن آيوڪ سڄ اُجريو سياهي صبحدم چيري" (ملاح). (اُجريو – اُجرندو – اجريل).

• **اَجرو ج اَجرا:** ذ. [سن. اَجَرَ = جو هضم ڪري نہ سگهجي] بدهاضمو. (صفت) لُجو – شير – ڏنگر (ث). گستاخ.

ـ **اَجرو ٿيڻ (ث):** گستاخ ٿيڻ – بي اَدب ٿيڻ.

• **اُجرو ج اُجرا:** ظ. صفت. [سن. اُجْجوَل] صاف پاڪ – صفا – چمڪندڙ – اَجل – اُوجل – روشن – چمڪندڙ – چمڪدار. (ث) اُجري ج اُجريُون.

ـ **اُجرو ٿيڻ:** صاف پاڪ ٿيڻ. (اَبتيءَ معنيُ ۾) مُنهن ڪارو ٿيڻ.

• **اَجڙ (ث):** ذ. [سن. اَج = وٺر يا ڏڻ. بڪَرَ: اَڄا = بڪري] بڪرين يا

ردن جو ڈنڈ يا وَلَر. بكري يا رڈ.

ـ **أَجَزْدار:** ذ. صفت. بكرين ڈارينڈ – بكرار. مالوَنْڈ "هٿي وينا پكڑا سڪ ٿي أَجَزْدار" (سجن).

ـ **أَجَزْوال:** ذ. صفت. بكرين وارو – ڈنڈار – پاڳيو – مالوَنْڈ. (ث). اجزوال "آ ڄَ مَ أَجَزْوال كي، عُمرا سَوَرَهين" (امير بخش).

• **أَجَزُ ج أَجَزّ:** ذ. صفت. [سن. اَتْ + جَري = ناس ٿيڻ] جَت – ناس – برباد – اجاڙ. ويران – سُڃو.

ـ **أَجَزُ بَجَزُ:** صفت. ويران – سُڃو.

• **أَجَزّ:** مصدر. [سن. اَتْ + جَري = ناس ٿيڻ] ناس ٿيڻ – جت ٿيڻ – ويران ٿيڻ – برباد ٿيڻ – سڃ ٿيڻ. (أجزيو – أجزندو – أجزيل).

ـ **أَجَزي وَڃڻ:** برباد ٿي وڃڻ – ناس ٿي وَڃڻ.

• **اجزا:** ذ. [ع. جزء ج اجزا] ٽڪرا – پاڳا – حصا.

• **أَجَسُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + يَشَس = شان] بدنامي – خواري – رُسوائي. (صفت) بدنام – خوار. كُجَ-سو – بي سوير.

ـ **أَجَسُ كمائڻ:** بدنامي كٽڻ – بي مانُ ٿيڻ.

ـ **أَجَسي:** ث. بدبختي – كُجَسي. خرابي – خواري.

ـ **أَجَسيارو (ث):** ذ. صفت. بدنام – رُسوا – خوار.

• **أَجْسَادَ:** ذ. [ع. جَسَدَ ج أَجْساد] أَجْسام – جسم – بدن – بَتَ.

• **أَجْسام:** ذ. [ع. جِسْمَ ج أَجْسامَ] جسم – بَدَن – بُتَ.

• **أَجَكو ج أَجَكا:** ذ. صفت. [سن. أَجَنْ = اَ + نہ + جَنْ = ماڻهن] ماڻهن كان سواءِ ـ ويران – سُڃو. أَتانگو – ڏُكيو – تكلي فده (ٻنڌ يا رسو). بي ڏنگو – خَسيس. خالي – سكٽو. [فد. أذوقه] آجكو – توشو – سمر.

• **اجك:** صفت. ٻنان جوكي – جوكي كان خالي. سلامتي واري "جوڙي جاءِ اجك، سانگين كاڙهِ سڄ مر" (خانزئي).

• **أَجَكي أَجَكا ج أَجَكا، أَجَكا:** صفت. أَجَكو.

• **أَجَكي أَجَكيو ج أَجَكا، أَجَكيا:** صفت. [سن. اَ = نہ + دُهْكَ = ڏُك] ڏُك بغير – سولو – بي جو كو – بي خطر.

• **أَجَگر ج أَجَگڙ:** ذ. [پرا. اَيَكَرَ: سن. اَجَ = بَكَرُ + گُري = گُهڻ = بكر گُهي ويندڙ] أرڙ نانگ – أزدها – ازدها – أزورَ بلا "بحر بلائون بچڑيون، آفتون اجگر" (حفيظ). (صفت) تمام وڏو "آپريس لهريون عشق جون، اجگر أليلا" (رمضان كنبر).

• **أَجَل ج أَجَل:** ذ. [ع. أَجَلُ ج آجالُ] مقرر ٿيل مُدّو – كٽي – قَضا – موت "آ ڄ اڄي بيس اوڄتي، كنهن أَجَل جي هيٺان آري" (رمضان كنبر).

ـ **أَجَل أَجَڻ:** موت اڄڻ – كٽي أَڄڻ.

ـ **أَجَل جي مُنْهَنْ ۾ وَڃڻ:** موت جي مُنهن ۾ وڃڻ.

ـ **أَجَل رَسيدو:** ذ. موت جي جنبي ۾ آيل – مرٽينگ – موت وگهي.

ـ **أَجَل طَبيعي:** ذ. طبيعي يا قدرتي موت (جو صرف حرارت غزيزي جي ختم ٿيڻ سبب ٿئي). پيريءِ جو موت.

ـ **أَجَل كَٽڻ:** كٽيءِ كٽڻ.

ـ **أَجَل كي سَڏ كرڻ:** گهري موت وَٺڻ.

• **أَجَلّ:** صفت. مبالغه. [ع. "جَليل" جو اسم تفضيل] سڀ كان وڏو. وڏيءِ وڏائيءِ وارو. تمام شاندار. نهايت بزرگ "نوريءِ جي نياز جو، عجب أَجَلّ هوءِ" (شاه).

• **أَجَلُ ج أَجَل:** ذ. صفت. [سن. اَڊْ = مٽي + جُوَلْ = جمكڻ] صاف – اجرو – پاڪ. جمكندڙ. شفاف – نرمل. اَڇو – سفيد. تجليءِ وارو – جمكدار.

ـ **أَجلو ج أَجلا:** ذ. صفت. أَجَلُ – اجرو.

ـ **أَجلو ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ. (اصطلاحاً) بدنام ٿيڻ.

ـ **أَجلو كرڻ:** (اصطلاحاً) خوار كرڻ. نقصان رَسائڻ.

• **إِجْلاسُ ج إِجْلاسَ:** ذ. [ع. جَلَس = وهڻ] ويٺڪ – نشست – ميٽنگ – جلسو – ميڙ.

ـ **إِجْلاس سڏائڻ:** إجتماع جي نشست ڪوڪائڻ. ميٽنگ سڏائڻ.

ـ **إِجْلاسُ گرڻ:** دربار كرڻ – كچهري كرڻ. كنهن اجتماع جي نشست سڏائڻ.

• **أَجْلاف:** صفت. [ع. جِلْفُ ج أَجلاف] اوباش – رولو – بدمعاش – لوفر.

• **إِجْلال:** ذ. [ع] وڏائي – تجمّل – شان.

• **إِجْلائِيّ:** مصدر. [سن. أَجْحَوَل] صاف كرائڻ – اجرائڻ.

• **أَجْلاني:** ث. صفائي – سُڻائي – پاكائي. چمڪ. تيج.

• **إِجْلِسْ:** ذ. [ع. جَلَس (= وهڻ) جو أمر بمعني وهه] ويهڪ "ڏُر ٿي پهچ قريب كي، إجلِس تو نہ جڳاءِ" (شاه).

• **أَجْلَى:** مصدر. [سن. اَجْ + جُوَلْ = چمڪڻ] صاف ٿيڻ – اجرڻ.

• **إِجْماعُ ج إِجْماعَ:** ذ. [ع. جَمَعَ = گڏ ٿيڻ] ماڻهن جو ميڙ – هجوم. كنهن ڳالهه تي اتفاق راءِ ـ بڌي ـ اتفاق. كنهن شرعي مسئلي تي مسلم مجتهدن جو اتفاق.

ـ **إِجْماعِ اُمّت:** ذ. جملي مسلمانن جو اتفاق – هڪ ئي راءِ تي بيهڻ واري حالت.

ـ **إِجْماعِ صَحابَه:** ذ. كنهن فقهي يا شرعي مسئلي تي اصحابن سڳورن جو اتفاق.

• **إِجْمالُ:** ذ. [ع] مختصر بيان – اختصار. "تفصيل" جو ضد.

ـ **اِجمالاً:** ظرف. مختصر طور.

ـ **اِجمالي:** صفت. مختصر. گول مول ـ مُبْهَم.

• **اَجْمَعِيْن:** عدد. [ع. اجمع ج اَجْمَعُوْنَ، اَجْمَعِيْن] سڀئي.

• **اَجْمَل:** صفت. [ع. "جميل" مان اسم تفضيل] سڀ کان سهڻو.

• **اَجْمَلْ (کج):** ث. اجوان ـ جانِ (دوائي ٻوٽي).

• **اَجْمُود:** ذ. [ف: سن. اَجْمودَ يا اَجْمُوْدا = ٻَکريءَ جي موج. خوشي] ٻوٽيءَ جو هڪ قسم ـ جانِ ـ ولجان.

• **اَجْمِيْر:** اسم خاص. هندستان جي هڪ رياست / شهر جو نالو جنهن ۾ خواجہ معين الدين چشتيءَ (رح) جي درگاهہ آهي.

• **اَجَن:** ث. [سن. اَ = نہ + جن = ماڻهو = اُها جاءِ جتي کو ماڻهو نہ ليڀي] بيابان ـ ويرانو.

• **اجناب:** ذ. [ع. جنب ج اجناب] پاسا ـ طرف ـ پهلو.

• **اَجناس:** ذ. [ع. جِنْس ج اَجناسُ] جِنسُون.

• **اَجنال:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد برگڙي (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَجْنَبي:** ذ. صفت. [ع. جَنَبَ = پري رکڻ يا موڪل] پراهُون ـ پرائي ملڪ جو ـ پرڏيهي ـ پرديسي. ڏاريون ـ غير ـ اوپرو ـ آپاٿو ـ اوڪٿو. اَن واقف ـ اَسرنهون ـ بيگانو.

• **اَجْنَبِيّت:** ث. ڏارپائي ـ بيگانائي.

• **اَجَنْمَر:** صفت. [سن اَ = نہ + جَنْمَنْ = جڻڻ] اَن جاول ـ جو جائو نہ هجي (يعني خدا تعالىٰ).

• **اَجَنْ (ل):** مصدر. [سن. اَج = هلڻ، هَکلڻ] مال جو وڃڻ.

• **اَجوان، اَجوانِ:** ث. [هـ] د ا طور ڪم ايندڙ بج جو هڪ قسم ـ جانِ ـ ولجان.

• **اَجواڻي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَجوت:** صفت. [سن. اَ = نہ + جيوتس = جوت] ٻي جوت ـ اونداهو. اَن روشن.

• **اَجوڙو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جُشْتَ = اوباريل] اَن جڙيل ـ پاڪ.

• **اَجوڙ، اَجورو:** صفت. [سن. اَ = نہ + فہ زور > جور] اَزور ـ ٻي زورُ ـ بيطاقت ـ ڪمزور ـ هيٺو ـ ڏَڀلُ ـ ڏُهرو ـ ضعيف ـ نربل. (ث) أجوري "آهيان أجوري. تنهنجي جهوريءَ جبل جهاڳيان" (شاهہ).

ـ **اَجوري (ث):** ث. [اَ = نہ + زور] ٻي زوري ـ ٻي طاقتي ـ اَڳهائي ـ ناجاڪائي ـ بيماري ـ علالت.

• **اَجُورو ج اُجُورا:** ذ. [ع. اَجْرَة] عوض ـ بدلو ـ معاوضو. محنت جو ڦل ـ اَجُر. مزوري. انعام. ثواب "وجان جي وصال کي. سي سڀ اَجورا" (شاهہ).

• **اَجُوره دار:** ذ. صفت. پورهيت ـ مزور.

• **اَجوڙ ج اَجوڙ:** ذ. صت. [سن. اَ = نہ + جُڊ = ڳنڍڻ يا ملائڻ] جنهن جو جوڙ جيس نہ هجي ـ بي نظير ـ لاثاني. اَن جڳو ـ ناجاڪ ـ بيمار.

• **اَجوڙا:** بنا ڪنهن رت جي، بي رتائتا.

• **اَجوڪو ج اَجوڪا:** ذ. صفت. [هـ. اَ = نہ + جوڪڙ = جوڪو: سن. اَ = نہ + دُهْک = غم. يعني بي غم. بي فڪر] بي جوڪو ـ بي خوف. صحيح سلامت ـ محفوظ ـ هٿيڪو ـ سائيل ـ سانديل ـ سوگهو. (ث) اجوڪي "وهن وراکن ۾، اُن جي أجوڪي اوطاق" (شاهہ).

• **اَجوڪي:** بنا جوڪي جي. (بي معنيٰ) نِرالي.

• **اجوڪي ج اجوڪيون:** ث. صفت. سجي ـ ويران ـ غيرآباد (ايراضي). اپري. ڀڳل تتل (جڳهہ) "وهن وراکن وڃ ۾، اُن جي اجوڪي اوطاق" (شاهہ).

• **اَجوڳ ج اَجوڳ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يوگْيہ = لائق. مناسب] نہ جڳائيندڙ ـ اَن جڳائيندڙ ـ نامناسب ـ غيرواجبي ـ ناجائز ـ اَن لائق ـ اَن جوڳ. خراب ـ بُرو.

ـ **اَجوڳائي:** ث. اَن سَهائيندڙ حالت. نالائقي.

ـ **اَجوڳو ج اَجوڳا:** ذ. صفت. اَجوڳ.

• **اَجُون، اَجُوڻِ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يُون = گرب، جر. يعني اهو جو وري وري نہ جمي، ۽ نئين جوڻ نہ وٺي] اَن جاول ـ لمر يولد يعني خدا تعالىٰ.

• **اَجْهَل:** صفت. [ع. "جاهل" جو اسم تفضيل] سڀ کان وڏيڪ جاهل.

• **اَجْهَڻ (ک):** مصدر. ويهڻ (خاص ڪري وهڻ جو).

• **اَجَي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جَي = فتح] اَن سويو ـ هارايل ـ ناڪامياب. (اسر. ث) هار ـ شڪست ـ ناڪاميابي.

• **اَجِيتُ ج اَجِيتْ:** ذ. صفت. [سن. أجِتَ < اَ = نہ + جِ = جيتڻ: جِتَ = جيتيل] جو جيتجي نہ سگهجي ـ اَن جيت ـ غير مغلوب. هميشہ غالب ـ فاتح. مضبوط.

• **اَجِيتڙو ج اَجِيتڙا:** ذ. صفت. جيترو ـ جيتامڙو. ضعيف ـ هيٺر. نندڙو.

• **اجيپال:** اسر خاص. سناسين جو هڪ آستانو "ڪني ماركنڊ من ڪش ڪي اجيپال پسنر" (لطف القادري).

• **اَجِيد:** صفت. [ع. جَيِّدْ ج اسم تفضيل] تمام جڳو. زور عمدو.

• **اَجِيرُ:** ذ. [ع] ٻانهو. اُجرت تي مزدور يا نوڪر.

• **اَجِيرُن:** ذ. صفت. [سن. اَجِيرْنَ < اَ = نہ + جُري = هضم ڪرڻ] بد هاضمو. بادي.

• **اَجيري (ل)**: ث. اڪين جي بيماري، جو هڪ قسم (جنهن ۾ رات جو نظر نه پوي ۽ جا اڪثر حامل زالن کي ٿئي) ـ شبڪوري، جيراندي (بکري، جي، جنهن جو ڪائڻ شبڪوري، جو علاج آهي).

• **اَجِيڪار**: ذ. وڏو سمند ڪُن ـ اوڙاهه "آهي اهڙو اجيڪار جنڊ پرو پنهنجو پاڻ لهي" (ميون عيسى).

• **اَجَيْن**: اِسر خاص. هندستان جو آڳاٽو شهر، جو چون ٿا ته وڪرماجيت جي گاديءَ جو هنڌ هو. البيروني اُن جي محل وقوع کان زمين جي گولي جو گهيرو دريافت ڪيو ۽ جنهن جي طول ۽ عرض کان مسلمان جغرافيه نويس سِن شهرن جي ويڪراڻي ۽ ڊگهاڻي ڏاڪڻ جو حساب ڪندا هئا.

• **اَجِيُو**: صفت. [سن. اَ + نـ + جِيُوَ = حياتي يعني اهو جنهن کي ساهه نه هجي] بيجان ـ مئل ـ مرده.

• **اَجِيُوَڪا**: ث. [سن. اَجِيُوَن. اَ = ويجهو + جِيُوْ = جئرو رهڻ] آجيوڪا ـ گذران ـ روزگار ـ ڪاڏ خوراڪ

• **اَجُ**: ظرف. [سن. اَدْيَ: پرا. اَج، اَپ] هلندڙ ڏينهن ـ اجوڪو ڏينهن ـ اِمروز "اڄ جو ڪم، سُڀان تي نه رکجي". هن وقت ـ هينئر "اڄي اوڙڪ اَج، سڀان ناهه صديق جڏي" (صديق فقير).

ـ **اَج اَجوڪي اَجوڪو**: ظرف. اڄ ڏينهن وارو ـ اجوڪو. اَج ئي. اَجوڪي ڏينهن تائين "اَج اَجوڪو سُوال. روضي پاس رَسندو" (ث) اَج اَجوڪي. اَجوڪي. اَجوڪو.

ـ **اَج سُڀان، اَج سُڀاڻي**: ظرف. اَجوڪي ۽ سڀاڻڪي ڏينهن ـ ڏينهن ڏن ۾. جلد ئي ـ سُڪت ئي ـ سگهوئي.

ـ **اَج سُڀان، سُڀاڻي تي هجڻ**: ختم ٿيڻ تي هجڻ ـ تقريباً پوري ٿيڻ وارو هجڻ ـ قريب الاختتام هئڻ.

ـ **اَج سُڀان، سُڀاڻي جي غم ۾ گرفتار ٿيڻ**: دنيا جي مصيبتن ۾ قائل هُئڻ. پيٽ ڀرڻ لاءِ پريشان هئڻ. ڏُڪيل حالت ۾ سرگردان رهڻ.

ـ **اَجَ سُڀان ڪرڻ**: اَج ۽ سڀاڻي جا ڪوڙا يا سڪل دلاسا ڏيڻ. ٽڪائڻ. ڀالهه کي اُمائي ڏيڪهه ڏيڻ.

ـ **اَجُ سُڀان ڪري وڃڻ**: (شخص کي) جلدي ڪري وڃڻ ـ ديرنه ڪرڻ.

ـ **اَجُ ڪلهه**: ظرف. اَجوڪي ۽ ڪلهوڪي ڏينهن. هلندڙ وقت ۾ ـ موجوده وقت ۾.

ـ **اَجُ ڪلهه ڪرڻ**: ٽڪائڻ ـ ڏيرَ وجهڻ. سڪتا دلاسا ڏيڻ.

ـ **اَجوڪو اَجوڪي، اَجُوڪو**: ظرف. اَج جو ـ اَج وارو. هاڻوڪو ـ هلندڙ وقت جو ـ هينئر ڪو.

• **اَجُ ج اَجُون**: ث. [اَجڻ" مصدر مان اسم. مخلف "اَوج" جو. ع. اَوْج = مٿانهين] اَوڄ ـ اڀ تي. اوج ـ مدد.

• **اَجاڙُ ج اَجاڙُو (ل)**: ذ. صفت. [سن. اَتْ ـ اتْ + جَري] اَجاڙيندڙ ـ ناس ڪندڙ. ڦٽائو.

• **اَجاڻ**: ذ. صفت. [سن. اَجْجا > اَ + جْجا = جاڻڻ يعني جنهن کي جاڻ نه هجي] ـ اَن جاڻ ـ اَبوجهه. بيخبر ـ ناواقف. سادو سُودو. بي سمجهه ـ بي وقوف. اڪياڻي ـ بي علم ـ جاهل. نادان ـ بي عقل ـ اَياڻو (ث) اَجاڻ "اهيان گهٽو اَجاڻ. پر سُور پريان جا سان مون" (شاهه).

ـ **اَجاڻائي**: ث. اَڻ جاڻائي ـ اَبوجهائي ـ بي سمجهي. نادانيءَ ـ جهالت. اَياڻپ ـ جرپائپ ـ جٽپائي.

ـ **اَجاڻپ**: ث. نادانيءَ ـ اَياڻپ ـ جٽپائي. غير واقفيت.

ـ **اَجاڻَندي**: ث. صفت. اَڻ جاڻ ـ اَبوجهه "محبت منجهيين مَ ماڻهه. مون اَجاڻندي اُجهڻو" (شاهه).

ـ **اَجاڻُو ج اَجاڻُو**: ذ. صفت. اَجاڻ ـ اَڻ جاڻ ـ اَڻ جاڻندڙ.

• **اَجَت**: ث. [سن. اَوْتِ = اَتْ] اَڻت ـ اَڻاوٽ.

• **اَجَت سُ ج اَجَتُ (ت)**: ذ. [سن. اَد = مٿي + سَتْ = بيهڻ] مٿاهين زمين.

• **اَجَتُ ج اَجَتُ**: ذ. [سن. اَدْ = مٿي + سْتَتْ = بيهڻ] شيءِ شڪل رکڻ لاءِ نوڙين مان ٺهيل پجرو. جو چت ۾ لڙڪيل هجي ـ چڪر.

ـ **اَجَتُ تي رکڻ**: چڪي تي رکڻ ـ اَجايو احسان جَتائڻ. خواه مخواه پاڻ ٻڌائڻ.

• **اَجَرُ ج اَجَرَ (ل)**: ذ. [سن. اَدْيَرْ < اَدْ = مٿي + يَرْ = ڪنڌ. ڪوشش ڪرڻ] اَدَرُ ـ سعيو ـ محنت ـ سرجوشي ـ اَتساه.

ـ **اَجَرائتو ج اَجَرائتا**: ذ. صفت. اَدمي محنتي ـ اُوڃ ـ سرگرم.

• **اَجَرُ ج اَجَري**: ذ. صفت. [سن. اَدْيَمْ] اَدمي ـ محنتي ـ اَجرائتو.

• **اَجَرَ**: اوجي ۽ اڇن. اُجي تيار ٿيڻ.

• **اَجَرُ**: اسر خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه سڪر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **اَجَڻ**: مصدر. [سن. اَوْتِ = اَتْ] اَتجڻ (ڪپڙو وغيره). اَڻاوٽ ٿيڻ. نهڻ ـ تيار ٿيڻ.

ـ **اَجَڻ بَجَڻ**: ڏَڪَجَڻ ڏَنجَڻ "اُجي بَجي آئيا. بيان ڪن نه بات" (شاهه).

ـ **اَجَڻي ج اَجَڻيُون**: ث. اَڻتي ـ اَڻاوٽ ـ اَجت.

• **اَجو ج اَجا**: ذ. صفت. ڪاهو ـ ڏاڙو "سجو" جو ضد. اَوطو ـ اَڻاڻو ـ اڻسجو. اَڻ سڌو ـ ڏنگو. (هر هر) سڌو نه وهندڙ (ڍڪ).

ـ **اَجوڙاڻ لڳڻ**: اَڻاڻو ٿيڻ. ٽڪليف رسڻ.

• **اَجَهْندو (ل):** ذ. اونده ـ تاريڪي. "سَجَهْندو" جو ضد. "اَجهنَ" مصدر مان مستقبل جو صيغو ـ اڪلندو ـ پورو ٿيندو.

• **اَجَهَ:** ث. [مصدر. اَجهن] اوجاهه. دل وٺت ـ پسندگي.

• **اَجَهَڻ:** ث. [سن. اَدْوَه < اَدْ + مٽي + وَهْ + ڪرَڻ] اڪلَڻ ـ ٿيڻ (ڪر) ـ پُهجڻ ـ پُڄڻ (ڪر). [سن. اَپوج < اَپ + ڏانهن + رُجْ + خوشي ڪرڻ] پسند اَچڻ ـ وڻڻ ـ آڏرڻ ـ سُلو لڳڻ "جي پيا مُنهن مهراڻ. تن ٻانديين بيت نہ اَجهي" (شاهه).

• **اَجهَ (ل):** ث. جهوٽ. رولو ـ پنڪ. مونجهه ـ ڳڻتي ـ آڏ مائڊ.

ـ **اَجهَ پڏ:** ث. اَڻ تَڻ ـ آڏ مائڊ.

• **اَجها ج اَجهائُون:** ث. [سن. اَشْرَم] پناهه. ڪڪائين پنڪي. اولو ـ گبرو (ڪ). اَجهو.

• **اِجها:** ث. [سن. ايشا] ضمير اشارو وڃهو. ڪنهن ويجهيءَ مونٽ شيءِ ڪي اشاري سان ڏيڪارڻ جو لفظ ـ بلڪل هيءَ. (ظرف) جاڻ نہ اِجها آئي.

• **اُجها:** ث. ضمير اشارو دُور. هوءَ ـ ڪنهن ڏورانهين، مونٽ شيءِ ڪي اِشارو ڪري ڏيڪارڻ جو لفظ "ڪهڙ مَر. اُجها ڪيهه. گرد پَس گنگن جي" (شاهه).

ـ **اُجهاڪي ڪُجها ڪَرڻ (ت):** جلدي ڪرڻ ـ تڙ تَڪڙ ڪرڻ. جهَت پَت ڪرڻ (ڪر).

• **اَجهاپ ج اَجهاپُون:** ث. [اَ = نہ + جهَنْپ = ٽپو. ٽپي] ٽوري نند ـ نندِ جو جهرتو ـ جهپڪي ـ جهَپ.

ـ **اَجهاپ ڪرڻ:** ٽوري نند ڪرڻ ـ آرام ڪرڻ.

• **اَجهار ج اَجهارُون (ل):** ث. درياءَ جو ڪرندڙ ڪَڇُ. درياءَ جو وَر (جتان پاڻي وروهي) گهٽو پاڻي. ٻڪرين جي واڙ.

• **اَجهارَڻ (ل):** مصدر. اَجارَڻ.

• **اَجها ڪُجها (ت):** ث. جال جال. ڪُوڙ سچ. حق ناحق. ڳجهه ـ راز.

• **اَجهاڳ ج اَجهاڳ:** ذ. صفت. [سن. اَگاذ] نہ جهاڳڻ جهڙو (سنڌ. جنهن جو پريون ڪنارو يا ٽرولهي نہ سگهجي) ـ بي انت ـ عميق ـ اونهو (پاڻي). اَگاهه ـ بيحد "سڪ تنهنجي سپرين. اندر ٿي اَجهاڳ" (شاهه) بي حساب ـ بي شمار.

• **اَجهاڳ، اَجهاگو (ذ):** ث. [سن. اَدْوَگ] سفر ـ مُسافري ـ ڪَهَ ـ منزل.

• **اَجهال:** ذ. صفت. [اَ + جهَل] ٻنان جهل جي ـ اَجهَلَ ـ اڻ جهلَ ـ اُهو جو جهلجي نہ سگهي.

• **اَجهالِڪو ج اَجهالِڪا:** ذ. جهٽو ـ لوڏو.

• **اَجهامَ:** ث. وسامَ ـ بوڏو ـ مائڊڪائي. ساهه جي ڏرائي.

• **اَجهاهڙ:** مصدر. [سن. اَوَسَدْ] گهَنجڻ ـ سَٽڻ. هيامَڻ (دل) ـ مائڊو يا بيهوش ٿيڻ. ناس ٿيڻ ـ ختم ٿيڻ.

• **اَجهاهڙ:** مصدر. [سن. اَبَ ـ شَرْ. اَتْسَدْ: هـ. بَجهنا] مائو ٿيڻ ـ سانت ۾ اچڻ. جهڪو ٿيڻ. وسامَڻ ـ گل ٿيڻ (بتي يا ڏيو يا ٻاهه) "سا آڳ اندر جي ڪين اَجهامي. ٻاروجَل جا ٻاري هئي" (ڪبير شاهه). ناس ٿيڻ. (اَجهاميو. اَجهاڙو ـ اَجهامندو ـ اَجهاميل. اَجهاڙل).

• **اَجهان ج اَجهانُون (ل):** ث. اجها ـ پناهه واري جاءِ. اولو.

• **اَجهائڻ:** مصدر. [سن. اَبَ شَرْ. اَجْدْ. اَتْسَدْ: هـ. بَجهانا] وسائڻ (ٻاهه) "ٻاريو اَجهائين. پرين اَجهايو ٻارين" (شاهه). ڳل ڪرڻ ـ وَسائڻ (ڏيو. بتي). ساٿر ڪرڻ ـ بيهوش ڪرڻ (مار ڏيڻي). ڏڏو ڪرڻ ـ چندو وجهڻ ـ گهت ڪرڻ (اڄ ڪي) "پَنهنوا پاڻ پيار. نہ اَج سين اَج اَجهائيان" (شاهه). (اَجهايو ـ اَجهائيندو ـ اَجهايل).

ـ **اَجهائي رکڻ:** ساٿر ڪرڻ ـ ماري هڏ ڏڪ پڄي وجهڻ ـ بيهوش ڪرڻ ـ سخت مارڻ ـ جهڳوڙڻ.

• **اَجهرَڻ:** مصدر. [سن. اَوَسرثر] اوجهرڻ ـ اوجهراٽيون کائڻ ـ نند جا جهوٽا کائڻ ـ پنڪيون کائڻ. (اَجهريو ـ اَجهرندو ـ اَجهريل).

• **اَجهڙَڪُ:** مصدر. [سن. اَجْجهتِت < اَدْ + مٽي + جهَتْ + مَنجهَنْ] اَجهڙَڻ ـ آڏيڙا کائڻ ـ ٺاها کائڻ ـ ڏڪا کائڻ. دربدر ٿيڻ ـ رَلڻ ـ پنڪڻ. اَس مِر رُلڻ ـ اَسڙڪڻ. خوار خراب ٿيڻ ـ ناس ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ. ڦاسڻ ـ اوجهڙ ۾ هلڻ.

• **اَجهڙَڻ:** مصدر. اَجهڙَڪڻ ـ آجهڙَڻ.

• **اَجهَڪ:** صفت. [سن. اَجهَڪ < اَجْجهَ + چڏڻ. ترڪ ڪرڻ] ڪمر. زاهد ـ عابد.

• **اَجهَڪو ج اَجهَڪا (ل):** ذ. صفت. [سن. اَبڪُرْشْتَ = ڪمينو. نيچ. گهٽ] تمام جهڪو ـ گهٽ درجي وارو ـ گهٽ ـ خسيس ـ معمولي ـ ڪمتر.

• **اَجهَڪائي ج اَجهَڪايُون:** ث. گهٽتائي. ڪميڻپ ـ نيچپائي ـ ڪم ظرفي ـ ڪمتري ـ سادائي.

• **اَجهڪڻ:** مصدر. جهاتي پاڻڻ. پهن ۾ بيهي ڏسڻ. جانچڻ ـ تاڙڻ. (اجهڪيو ـ اَجهڪندو ـ اجهڪيل).

• **اَجهڪو ج اَجهڪا:** ذ. صفت. [سن. اَڏوگ] ٺڳو ـ جلدباز ـ شتابڪار. (ڏ) جذبو ـ جوش ـ جولان. ڇڪتي ـ فڪر. يار ڪان فراق جو غم.

ـ **اَجهڪائي ج اَجهڪايُون:** ث. ٺڳ ـ جلدبزي ـ جلدي.

• **اَجهَل ج اَجهَل:** ذ. صفت. [اَ + نہ + جهل] نہ جهلڻ يا روڪڻ جهڙو ـ اُهو جو جهلجي نہ سگهي يا جنهن تي ضبط نہ رکي سگهجي ـ اڻ

جهل – اَڻ ٽر. بي حد – بي شمار – گهڻو – جهجهو "سڪ تنهنجي سَيرين. اندر ٿي اُجهل" (شاهه).

ـ **اُجهلائي ج اُجهلاڻون:** ث. ظلم – انڌير – بي انصافي. گهڻائي – ڪثرت.

• **اُجهَنْدو ج اُجهَنْدا (ل):** ذ. سڄ لٿي جي مهل – نماشام. مُنهن اونداهي "سُجهندو" جو ضد.

• **اُجهَڻ:** مصدر. [سن. اُجْهَ = ڇڏڻ. ترڪ ڪرڻ. نتائڻ. پڄڻ] رُلڻ – پڪڙڻ – اُجهڑڪڻ. جهوتون ڏيڻ. دربدر ٿيڻ. ٽاپا کائڻ – ڏکا کائڻ. ڳولڻ – ووڙڻ (۱) "جن اُجهيوتن نہ بجهيو. ويني گڏين ويو" (روحل). (۲) "پاڙي ڏانهن پرين جي. اُجهڻ مَ أوائي". پلجڻ – گمراهه ٿيڻ. [سن. اَپَ – شَرْ] وسامڻ – ويرو ٿيڻ (بدن) – وسامجڻ. ٽڪجڻ – هلاڪ ٿيڻ. وهي وڃڻ. لُڏهي وڃڻ "اولين اُجهڻ لڳيون. ويا ونجهه وهي" (شاهه). [سن. اُدْ – بَدْ = جاڳڻ. هشيار ٿيڻ. ياد ڪرڻ] سمجهڻ – معلوم ڪرڻ "هينئڙا اُجهڻ. مَ مُنجهه. تہ پرينئون پري نہ ٿين" (شاهه) ڏِسڻ. (اُجهيو – اُجهندو – اُجهيل).

ـ **اُجهڻ پُجهڻ:** ٽڪجڻ تنجڻ. رُلڻ پنڻ.

ـ **اُجهي پُجهي:** ظرف. رُلي رُلي – پڪي پڪي – ڏکا کائي. ڳولي ڳولي. ڄاڻي ٻجهي – سوچي سمجهي "اُجهي پُجهي آئيا. بيان ڪن نہ بات" (شاهه).

• **اُجهو ج اُجها:** ذ. [سن. اَشْرَيه = قرار گاهه. پناهه] پشت پناهه – پردو – ڍڪ – بچاءُ – آسرو – سهارو. گهُرُ – رهڻ جي جاءِ. مٿي لڪائڻ جو هنڌ "ڪونهي پنهل بنا ٻيو ڪو اجهو. جت ڏير ڏئي ويا مٿيءَ ڪي ڏجهو".

• **اِجهو:** ظرف. [سن. ايتَد. اِيشَ] هتي – هِن هنڌ. جاڻ تہ. (ضمير) هي. (ث) اِجها.

• **اُجهو:** ظرف. [سن. اَدَسْ. اَسَوْ = اُهو] هُو – اُهو. (ظرف) هُتي – هُن هنڌ. (ث) اُجهه "ڪهج اُجها ڪيهه. گردپَسُ گنگن جي" (شاهه).

• **اُجهوءَ:** اونهون. پاڻي.

• **اُجهوڙ:** ذ. [سن. اُوَ گهُوْرْڻ < اَوَ = هيٺ. پري. خراب – گهُورڻ = ڇڪريا ڦيريون کائڻ] اگهور – ڪُن – گرداب "رک پيلي جو پرم. جو اجي پيو اُجهور م" (شاهه). مال جي پوجاڙيءَ مهل وڻاڻ تي آمد. مال جي آرام جي جاءِ. وَسڻ. ڳوٺ جي پسگردائي. وڏو ميڙ – انبوهه.

• **اُجهور:** ث. اڌري جاءِ جتي درياءَ جي سيسر ڪبر سان لڳي وهي ۽ هوا مخالف ڪپ کان لڳندڙ هجي تہ اڌري جاءِ کي "جهول" يا "اُجهار" ۽ جمُبو (پيڙي يا ٻي ترندڙ شيءِ اجهور م ڦاڻي تہ ڏکي نڪرندي) – درياءَ م جهول وارو پاسو.

• **اجهور:** ث. آسائش جي جاءِ "پريٽ ساري پير کي، آيا سون اجهور" (شريف شاهه). (صفت) ازور – ڪمزور – ضعيف.

• **اُجهورو ج اُجهورا (ل):** ذ. صفت. [ا = نہ + زورو > جهورو] ڪمزور.

• **اجهوڪڻ (ث):** مصدر. وهڻ.

• **اُجهوڪو ج اُجهوڪا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + جهوڪ = وڻاڻ. ويهڻ جي جاءِ] جنهن کي رهڻ جي جاءِ نہ هجي – خانه بدوش. بي جوڪو – بي ڊير "اُجهوڪا اُٽين جي. ڏينهان جهَوِ جهانپي" (شاهه).

• **اُجهول:** صفت. [سن. اَ = نہ + دوْلا = جهَلَڻ. لَڏڻ] نہ لڏندڙ يا نہ جهلَڻ جوڳيءَ (جيئن هاٿي) – اَڏول – محڪم – پختہ قدم.

• **اِجهي:** اجهو هاٿي. ڪنهن ۽ وقت (اجهي جڙ آئيا = بس اجي ويا).

• **اُڇَ:** ظرف. [سن. اُدْيَه = اَڄ] اُجا – هن وقت تائين.

• **اُڇَ ج اُڇَوْ:** ث. [سن. اَدْيَا = اَڄ] پياس – تَونُس – ترسنا – تشنگي – غطش. ڪير – سڪ – حُبّ ـ اُڇَنڊ "پي پيالو اُڇ جو. اُڇَ سين اُڇَ اُٽيار" (شاهه).

ـ **اُڇَ اُٽارڻ:** اُڇ جاڳائڻ – پياسي ڪرڻ.

ـ **اُڇارو ج اُڇارا:** ذ. صفت. اُڇايل – پياسي. اُڇاري ج اُڇاريون: "اُڇاري پيندي، چيڪاري ڪين پيندي".

ـ **اُڇَ لاهڻ:** پاڻي پي اندر جي پياس ڪارڻ.

ـ **اُڇ لڳڻ:** پاڻي پيڻ جو خيال ٿيڻ.

ـ **اُڇ وسائڻ:** اُڇ لاهڻ.

• **اُڇا:** ظرف. [سن. اَدْيه = اڄ] هيل سُوڏو – هن وقت تائين "اڇا تون اوات، واڻان پاسي ويسري" (شاهه).

ـ **اُڇا تائين، سوڏو:** ظرف. هن وقت تائين – اڄ تائين.

• **اُڇاڻ ج اُڇاڻ (ل):** ذ. [مخفف اهچاڻ جو. سن. اَپُ جْجاڻ] اُهچ – اُهچاڻ – نشان – علامت.

• **اُڇائِجڻ:** فعل مجهول. پياسو ٿيڻ – پياسجڻ – سڪڻ "آءُ اڪيون تولئه اُڇائِيون".

• **اُڇائِڻ:** مصدر. پياسو ڪرڻ (اُڇايو – اُڇائيندو – اُڇايل).

ـ **اُڇايل اُڇيارو ج اُڇايا. اُڇيارا:** ذ. صفت. اُڇ وارو – اُڇايل – پياسي. (ث) اُڇياري. اُڇائي ج اُڇياريون. اُڇائيون.

• **اُڇو. اُڇيو ج اُڇا. اُڇيا:** ذ. صفت. [سن. اُدْيا] اُڇايل – پياسي – تاسيل – تاسيارو. سڪايل "اندر جنين اَڇَ. پاڻي اُڇيو اُن کي" (شاهه).

• **اُڇَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اُڇَ:** صفت. [سن. اُچَ. اُچَتْ] مٿانهون – اُجو.

• **اُڇ:** اسم خاص. هڪ مشهور شهر جو نالو (جتي سيد جلال الدين بخاريءَ جي درگاهه آهي).

• **اُجاڙ:** ث. [سن. اُچّنا] غرور – تڪبر – وڏائي "چڏي مَن اُجاڙ، سامي جڙيو سروپ سان" (سامي). بيزاري – ناراضپو. ملولائي – مايوسي. موڳائي. ڪپت – خفو. فريب. هيڻس. حرڪت – ڪوٺس. [سن. اُچ] اڳرائي. گستاخي.

• **اُجاڙ ج اُجاڙ:** ذ. صفت. [سن. اُچّ] نرڙيل. بيزار. اداس. بيقرار.

• **اُجاڙُ ٿيڻ، اُجاڙجڻ:** ڪ ڏيڻ – ٽڪجڻ.

– **اُجاڙ ڪرڻ:** ڪنهن سان هيس ڪرڻ. بيزار ڪرڻ – خفي ڪرڻ.

• **اُجاڙ-(ت):** ث. سزا – سيڪت.

• **اُجاڙڻ (ل):** مصدر. [سن. اُچّٹ، اُجاڙنا < اُدْ + چٹ = نري ڪيڻ] نري ڪيڻ – ويجهاري ڪيڻ. جادوءِ رستي دشمن يا حريف کي ناس ڪرڻ يا ان کي بيزاري ڪري ڪائنس ڏنڏو ڇڏائڻ. جدا ڪرڻ. (هوتو) پاڙ ڪاڻ پٽڻ. (اُجائيو – اُجائيندو – اُجائيل).

• **اُجاچيتُ (ل):** ظرف. [سن. اَجيتَن < اَ + نـ + چِتْ = خيال ڪرڻ] بي خبريءَ ۾ ۔ اوچتو – اڃانڪ. بنا اطلاع.

• **اُجارُ ج اُجار:** ذ. [پرا: سن. اُچّارَ] تلفظ. زبان سان ڪنهن به لفظ جي صحيح صورت ۾ ڪيل هجي – آواز.

– **اُجارُ سَهْنُجُ:** ذ. ڪنهن به لفظ جي هجي ۾ اُها قيرقار جنهنڪري لفظ جو اُچار سولو ۽ سهڻو ٿئي. جهڙوڪ "گهمڻ" مان اسم "گهوم" ٺاهڻ ۾ "اُ" اُچار وڌي "او" ٿو ٿئي.

– **اُجارُ ڪرڻ:** تلفظ ڪرڻ – آواز ڪرڻ (لفظ جو). هجي ڪرڻ.

• **اُجارڻُ:** مصدر [سن. اُچّارَنْ] آواز ڪرڻ (لفظ جي صحيح صورت جو) ۔ تلفظ ڪرڻ. هجي ڪرڻ. پڙهڻ. جوڙ – هولڻ. (اُجاريو – اُجاريندو – اُجاريل).

• **اُجانڪ:** ظرف. [سن. اَجْجانات < اَ = نـ + جْجان = جاڻڻ] بي خياليءَ ۾ ۔ بنا جاڻ – بنا اطلاع – اُمالڪ – هڪدم – اوچتو – ناگاه.

• **اُجانڪَ:** ظرف. اُجانڪ.

• **اُجانگڻ (ل):** مصدر. [سن. اُچّ = مٿي + ڪُري = ڪرڻ: هـ. اُڇڪانا] ڪنڍجڻ. لڙڪيل شيءِ کي چڪي مٿي ڪرڻ.

• **اُجاهِ:** ث. [سن. اُچّ = مٿي + آهْ] اُجائي – مٿاهين – بلنديءَ. اوچائي – عمدگي. وڏائي – برتري.

• **اُجاهـ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نـ + اِچّا = خواهش] جنهن کي ڪو لوڀ لالچ نـ هجي – بنا خواهش – حرص کان آجو "ڪري مَن اُجاهـ، سامي چڏيائين جن ۾" (سامي).

• **اُجائڻُ:** مصدر. [سن. اُچّٹ] ڪٺڻ – ڪٽي ڏيڻ – تباهي ڪرڻ – پائي ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – ستائڻ – آزارڻ. تڪليف پهچائڻ – ڏک ڏيڻ "اوهان جو اڄي آ اُجايو اَبا" (ثنائي). (اُجايو – اُجائيندو – اُجايل).

– **اُجائڻو ج اُجائڻا:** ذ. صفت. پائي ڪٽندڙ – ستائيندڙ – آزاريندڙ.

– **اُجائي ج اُجائيون:** ث. ظلم – ڏاڍ – آزار.

– **اُجائي ڪٽڻ:** ستائڻ – تنگ ڪرڻ – ظلم ياري ڏيڻ.

• **اُجائي ج اُجايُون:** ث. [سن. اُچّ = مٿي + آئي] اُجاڻ – مٿاهين – بلنديءَ – اُتاهين. عَمدگي – اُوجائي.

• **اُجتُ ج اُجتْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نـ + جت = خيال] خيال کان آجو – بي خيالو – بي پرواه. نادیده ۔ غير منتظر.

• **اُجتُ:** صفت. [سن. اُجتَ] مزيدار – وٽندڙ. موافق – جوڳو. دستور موجب – معمول. لائق. سولو.

• **اُجَڙ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نـ + جَتر = چالاڪ] موڳو – ڪاهل – سست – بيڪار.

• **اُجَڙو ج اُجَڙا:** ذ. صفت. [سن. اُچّ] مٿاهون – مٿيرو.

• **اُجَڏَنُ (ث):** مصدر. [سن. اُچّٹَ < اُدْ = مٿي + جَٹْ = جُدا ڪرڻ] لهي پوڻ (جيئن ليبو پت تان) ۔ اُترڻ.

• **اُجَرُ (ث):** ذ. صفت. [اَ = نـ + جَرْ < جَلْ = هلڻ] نـ جُرندڙ – اَجَلُ – ساڪن. بي حرڪت – بي جان – بي حس.

• **اُجرِ پوڻ (ث):** مصدر. [سن. جُرِب، جُرنْبَ، اُجَرنْبَ، وُجرنب = اوباسي] وات قارڙ – اوباسي ڏيڻ – ساه مٽي ڪٺڻ. گل ڪَڍڻ – نرڙ. ڪر موڙڻ. واڌ يا ماڄ ۾ پوڻ. ڪوشش وٺڻ. همت ۽ چالاڪي ڏيکارڻ. اَٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ. عشقبازي ڪرڻ.

• **اُجرج ج اُجرجَ:** ذ. [سن. اَشْجَرْبَ = نادر. عجيب. غير معمولي: اَشْجَرْبُم = عجيب ڏيکاءُ. وغيره] حيرت – عجب – تعجب – تپرس. ڪرامت. معجزو.

– **اُجرج جهڙو:** ذ. صفت. حيرت جهڙو – عجيب.

– **اُجرج ڏيکارڻ:** جَادوءِ جا ڪرتب ڏيکارڻ.

– **اُجرج ڪائڻ:** عجب ڪائڻ – عجب ۾ پوڻ.

– **اُجرج لڳڻ:** عجب لڳڻ – حيرت ۾ پوڻ.

• **اُجرڪڻُ:** مصدر. اُجرِ پوڻ.

• **اُجرنگ:** ذ. [هـ] پتنگ.

• **اُجَرڻُ (ث):** مصدر. [سن. اُجَرْنَبَ] اَسرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

• **اُجَرُّ:** مصدر. [سن. اُتْ + جَرْ = هلڻ] چوڙو لاهڻ. ڳالهائڻ.

• **اُجَرُّ (ل):** مصدر. [سن. اُتْ + جَرْ = گوشت کان ڪل جدا ڪرڻ] پَجَرُ – ڪرنڪر ٽيڻ.

• **اُجرو:** ذ. آنيارو (بلو).

• **اُجھڑ (ا)**: ذ. صفت. جُڑ نہ سکندڑ -- غلطي نہ سکندڑ -- نہ پلجندڑ. صحيح -- برابر.
ـ **اُجھڑ ويڑھ ج اُجھا ويڑھا**: ذ. صفت. اينڈ وينڈڑ. لڳ لاڳاپي وارو -- منهن لڳ -- واقفڪار. ڳاهل ماڻهو. قرتو گهرٽو. (ث) اُجڻي وڃڻي "مايا اجڻي وڃڻي. ڪهڙي ڪهڙي پاءِ" (آسا).
• **اُجھاوڻ، اجھائون**: فعل. اسان وٽ اجي "مانڙ اُجھاوڻ ڪاءِ، سُواڏائي سجڻين" (شاهه).
• **اُجھو ج اُجھا**: صفت. ظرف. [سن. اَجّ] مٽيون -- مٽاهون -- اُتاهون -- اعليٰ. بلند -- اُوجو. گهڻي ملهه وارو -- قيمتي. عُمدو -- تمام سُٺو.
• **اَجّ ڏج**: ث. [سن. اَجج = هلڻ] آمد رفت. اڃ وڃ جي حالت (ڪنهن ڀاءُ برادر وٽ شاديءِ غميءِ ۾). گهڙ رستو -- پير پنڌ. گهڻي هلڻ جي حالت. لَنڍَ.
ـ **اَج وج ڪرڻ**: آمدرفت ڪرڻ. ڏي ورِي اَچڻ وڃڻ. هلي هلي لَنڍَ ڪرڻ.
• **اُجوڪ**: ذ. صفت. [سن. اَ + نہ + هـ. جوڪ] جُڪ نہ سکندڑ. اَڻ گس. سُٺو نشان نہ سکندڑ.
• **اُجھڑي (ث)**: ث. صفت. [سن. اُچْڑِنْكَل = بي لغام، ڇڙواڪ. خود راءِ] ڇڙواڪ ڏڳي يا زال -- ويڇهڙزن -- اُجھڙي.
• **اُجيتَ ج اُجيتَ**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جِتّ = سمجھ] بي سمجھ. بي سُرت -- بي خيال -- غافل. بي خبر. "سُجيت" جو ضد. بي تدبير.
ـ **اُجيتائي، اُجيتي**: ث. بي خبالي -- بي سمجهي -- بي خبري -- غفلت. بي تدبيري.
• **اجي ٽڪڻ**: قرض يا مصيبت مٿان اچي پوڻ.
• **اِجي پِجي**: ث. ڏري پرزي.
ـ **اِجي پِجي ڪڍڻ**: سڀ عيب ڪڍڻ.
• **اجي پوڻ**: مٿان پوڻ -- نازل ٿيڻ. ڦاسڻ.
• **اجي جهلڻ**: پڪڙڻ -- گرفتار ڪرڻ. گهٽڻ. سوڙهو ڪرڻ. قابو ڪرڻ.
• **اجي سگهڻ**: سمائجڻ -- پورو ٿيڻ. پيڄڻ.
• **اجي ڦاسڻ**: اوچتو جهلجڻ -- گرفتار ٿيڻ -- پڪڙجڻ.
• **اجي لڳڻ**: ٽڪرجڻ. ڳڙجڻ. ٺهڪي اچڻ.
• **اجي مجي**: ذ. مدد -- همراهي -- هٿ همراهي.
ـ **اجي مجي ڪرڻ**: هٿ همراهي ڪرڻ -- مڙسي ڪرڻ.
• **اجي ٽيڪڻ**: موجود ٿيڻ -- حاضر ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ.
• **اجي ونڻ**: پڪڙڻ -- جهلڻ. مار ڪڍڻ -- ڦيهه ڪڍڻ. جت ڪرڻ.
• **اجي وڃڻ**: ٺهڪي اچڻ. موجود ٿيڻ.
• **اَجّ**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَجّ**: ث. [سن. اَجَج = اچو] سفيدي -- اَڃاڻ. پاڻي جي اچاڻ واري وڏي
ـ **اُجھڑ وڃڻو ج اُجھا وڃا**: ذ. صفت. اينڈ وينڈڑ. لڳ لاڳاپي وارو -- منهن لڳ -- واقفڪار. ڳاهل ماڻهو. قرتو گهرٽو. (ث) اُجڻي وڃڻي "مايا اجڻي وڃڻي. ڪهڙي ڪهڙي پاءِ" (آسا).
• **اُجھاوڻ، اجھائون**: فعل. اسان وٽ اجي "مانڙ اُجھاوڻ ڪاءِ، سُواڏائي سجڻين" (شاهه).
• **اُجھو ج اُجھا**: صفت. ظرف. [سن. اَجّ] مٽيون -- مٽاهون -- اُتاهون -- اعليٰ. بلند -- اُوجو. گهڻي ملهه وارو -- قيمتي. عُمدو -- تمام سُٺو.
• **اَجّ ڏج**: ث. [سن. اَجج = هلڻ] آمد رفت. اڃ وڃ جي حالت (ڪنهن ڀاءُ برادر وٽ شاديءِ غميءِ ۾). گهڙ رستو -- پير پنڌ. گهڻي هلڻ جي حالت. لَنڍَ.
ـ **اَج وج ڪرڻ**: آمدرفت ڪرڻ. ڏي ورِي اَچڻ وڃڻ. هلي هلي لَنڍَ ڪرڻ.
• **اُجوڪ**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ = هـ. جوڪ] جُڪ نہ سکندڑ. اَڻ گس. سُٺو نشان نہ سکندڑ.
• **اُجھڑي (ث)**: ث. صفت. [سن. اُچْڑِنْكَل = بي لغام، ڇڙواڪ. خود راءِ] ڇڙواڪ ڏڳي يا زال -- ويڇهڙزن -- اُجھڙي.
• **اُجيتَ ج اُجيتَ**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جِتّ = سمجھ] بي سمجھ. بي سُرت -- بي خيال -- غافل. بي خبر. "سُجيت" جو ضد. بي تدبير.
ـ **اُجيتائي، اُجيتي**: ث. بي خبالي -- بي سمجهي -- بي خبري -- غفلت. بي تدبيري.
• **اجي ٽڪڻ**: قرض يا مصيبت مٿان اچي پوڻ.
• **اِجي پِجي**: ث. ڏري پرزي.
ـ **اِجي پِجي ڪڍڻ**: سڀ عيب ڪڍڻ.
• **اجي پوڻ**: مٿان پوڻ -- نازل ٿيڻ. ڦاسڻ.
• **اجي جهلڻ**: پڪڙڻ -- گرفتار ڪرڻ. گهٽڻ. سوڙهو ڪرڻ. قابو ڪرڻ.
• **اجي سگهڻ**: سمائجڻ -- پورو ٿيڻ. پيڄڻ.
• **اجي ڦاسڻ**: اوچتو جهلجڻ -- گرفتار ٿيڻ -- پڪڙجڻ.
• **اجي لڳڻ**: ٽڪرجڻ. ڳڙجڻ. ٺهڪي اچڻ.
• **اجي مجي**: ذ. مدد -- همراهي -- هٿ همراهي.
ـ **اجي مجي ڪرڻ**: هٿ همراهي ڪرڻ -- مڙسي ڪرڻ.
• **اجي ٽيڪڻ**: موجود ٿيڻ -- حاضر ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ.
• **اجي ونڻ**: پڪڙڻ -- جهلڻ. مار ڪڍڻ -- ڦيهه ڪڍڻ. جت ڪرڻ.
• **اجي وڃڻ**: ٺهڪي اچڻ. موجود ٿيڻ.
• **اَجّ**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَجّ**: ث. [سن. اَجَج = اچو] سفيدي -- اَڃاڻ. پاڻي جي اچاڻ واري وڏي

ـ **اُجھڑ نہ وڃڻو**: ذ. صفت. نہ اينڈ نہ وينڈڑ -- ڪڏهن بہ نہ اينڈڑ -- اَڻ واقف.

ايراضي "تو جا پائڻي اُڇ. تنهن پاڻي، ٻنا ڏينهڙا" (شاهه). درياءَ جي ليٽ. جهوَ جي لَس. سُڃ ۔ پينگ. جانورن جي پيڇي ۔ آس. چڊي لَسي ۔ چاڇ "مهيا ملاڻن کي اُبو آڇي اُڇ" (شاهه ۔ سهڻي). ڪنهن دوا آهرين انجڻين وغيره) جو آئريل پاڻي. ڪاري ڪوهه مان نڪتل پهريان ٻ ٽي ٻوڪا مٺي پاڻي، جا. سمنڊ ۔ ساگر. مهراڻ.

ـ **اڇ اَڻڻ**: پاڻي گهٽو ٿيڻ ۔ ڇر لڳڻ.

ـ **اُڇ ٿُهو**: ڏ. صفت اڇن ٿُهن وارو ۔ ڪڪو ۔ ڀُورو.

ـ **اُڇ ٻَٽي**: ث. صفا پٽ. ڪليل ميدان.

ـ **اڇ ڪرائڻ**: سُڃ ڪرائڻ.

ـ **اُڇ ڪرڻ**: سُڃ ڪرائڻ.

ـ **اُڇ لڳڻ**: برسات جي ڪري جهر جهنگ پاڻي ٽي وڃڻ.

• **اِڇ (لس)**: ث. ڦيٽل لسي جا سڪايل ڏڳ. "ڪينديس اِڇون، پينديس پيڇون، سرتين سين سردار ميان"، (ولي محمد).

• **اُڇا**: ندا. [سن. اُچّ] ٽيڪ! چڱو! ٺيڪ هائو!.

• **اُڇا**: ڏ. صفت. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. [سن. اُچّ = اڇو] اڇي رنگ وارا. سُفيد (وار) ۔ ٻُرڙا. جانورن جو هڪ قسم ۔ خُشڪي (اڇڙا) جانور. ڪرياَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پاڻيڻ کارائي باٽڪ لاهبو آهي).

• **اِڇا بَ ظاهري ٿيڻ**: ان پچو فائدو ملڻ. پاڻ ورڻ.

ـ **اُڇا پوريائي**: ڏ. سارين جو هڪ قسم.

ـ **اُڇا ٿُوٽ**: ڏ. ٿُوٽن جو هڪ قسم (جي اُڇا ۽ ٽٻا ٿين).

ـ **اُڇا ڇٽا**: ڏ. ڇٽن جو هڪ قسم.

ـ **اُڇا ڏوڻڪ**: پيريءَ ۾ ڪو ڪر ڪرڻ.

ـ **اُڇا ڏوڻڪ**: پيريءَ ۾ اهڙو ڪو ڪر ڪرڻ (جو مناسب نه هجي) ۔ پيريءَ جي پت وڃائڻ.

ـ **اُڇا ڏيڪارڻ**: ڪاوڙ ۾ ڏند ڪيڪرڻ.

ـ **اُڇا ڪارا پَڏرا ٿيڻ**: سڄ ڪوڙ ظاهر ٿيڻ. ڏوه ثواب ظاهر ٿيڻ.

ـ **اُڇا ڪارا پَڏرا ڪرڻ**: ڳُجهه ظاهر ڪرڻ ۔ راز ڦولهڻ.

ـ **اُڇا ڪارا ڏوڻڪ**: عيبن کان پاڻ کي آجو ڪرڻ.

ـ **اُڇا ڪَڍڻ**: اُڇا وار (ٿيڻ) ڪَڍڻ ۔ ٻرڻا ڪڍڻ. وڏي وڏو ٿيڻ.

ـ **اُڇا ڪرڻ**: جواني ۾ اڇا وار ٻوڙڻ.

ـ **اُڇن ڏي ڏِسَڻ**: اڇن وارن (ڏاڙهي) جو لحاظ ڪرڻ. وڏيءَ عمر واري کي عزت ڏيڻ.

ـ **اُڇن ۾ ڪَرڻ**: پيريءَ ۾ نامناسب ڪر ڪرڻ.

• **اِڇا ج اِڇائُون**: ث. [سن. اُچّا ۔ مرضي] مرضي ۔ ارادو ۔ آرزو ۔ تمنا ۔ خواهش. رضا. ضد ۔ خوشي. گهُرَ طلب.

ـ **اِڇا ۽ اِڇائي**: ث. مهرباني ۔ نوازش. ٽورو ۔ احسان ۔ وَڏ.

ـ **اِڇا ۽ اِڇائي ڪرڻ**: ٽورو ڪرڻ ۔ مهرباني ڪرڻ ۔ لائق ڪرڻ.

ـ **اِڇا ڪرڻ**: خواهش ڪرڻ ۔ گهرڻ.

• **اُڇارو ج اُڇارا**: ڏ. صفت. [سن. اُچّ = مٿي ڪرڻ > اُچْڇرتَ = مٿي ڪيل. بلند] مٿاڇرو ۔ مٿيرو ۔ اُتاڇرو. سرسري ۔ سطحي. تالي ماتر. اڻ پوري. [سن. اَنْسُوتْر] ولڙو ۔ ورڙو ۔ قلهڙو. [سن. اُچّواسْتْ] اُبهرو ۔ ٽڪرو ۔ سُبڪ مزاج ۔ هلڪڙو ۔ اُٿرو ۔ چيڪرو. (ظرف) بي پرواهي، سان ۔ هلڪڙائي، سان.

• **اُڇارائي ج اُڇارائيُون**: ث. مٿاڇرائي. بي پرواهي. هلڪڙائي ۔ سبڪ مزاجي.

ـ **اُڇارائي ج اُڇارائيُون**: ث. مٿاڇرائي. بي پرواهي. هلڪڙائي ۔ سبڪ مزاجي.

• **اُڇاڪ ج اُڇاڪُون (ل)**: ث. [سن. اُچّٰ] ڏڪ ۔ درد ۔ رنج ۔ افسوس. خفو ۔ ڳڻتي. فراق ۔ وڇوڙو ۔ جدائي. ڪَپ ۔ ڪجاڻي ۔ بيزاري. پريشاني.

• **اُڇارڻ (ل) مصدر**. اُڇارڻ ۔ آڇهارڻ. اُتارڻ (لس). (اُڇاريو ۔ اُڇاريندو ۔ اُڇاريل).

• **اُڇارو ج اُڇارا**: ڏ. صفت. اڇيرڙي رنگ وارو. ٻارن ٻڌن وارو.

ـ **اُڇارو ٽِيان**: اڇين اکين وارو ٽي پوان. (تنهنجي آڏو ٽي ويهڻ جي ڪري) منهنجون اکيون جڏ اڇيون ٽي وڃن ۽ ٻيو ڪجهه ڏسي نه سگهان.

• **اُڇاڙو ج اُڇاڙا (ل)**: ڏ. ڪائي، جو ڪرت سان جيريل پاسو (جو جوڙاس کارائيندو هجي) ۔ چاڙهو. لَهر. راڳ.

• **اُڇاڙو اُڇاڙُو (ت)**: ڏ. صفت. اُڇانگ مارينڌڙ ۔ چالو. تکو ٻڌندڙ.

• **اُڇانگ (ٺ)، اُڇانڱُ ج اُڇانڱُون، اُڇانگ**: ڏ. [سن. اُچْ = مٿي + گَمْ = وڃڻ] هرانگهه ۔ ليٽنگ ۔ ٽپو ۔ چال ۔ چلانگ.

ـ **اُڇانڱُ مارڻ**: ڇالُ ڏيڻ.

• **اُڇاهِ**: ث. [سن. اُچِّ = اڇو. صاف] اُڇائي ۔ اُڇ ۔ سُفيدي. روشنائي. پاڪائي. صفائي. تمام چڊي لَسي.

• **اُڇاهِرو ج اُڇاهِرا**: ڏ. صفت. اُڇاتِرو. اُبهرو.

ـ **اُڇاهِرائي ج اُڇاهِرائيُون**: ث. اُڇاتِرائي. اُبهرائي.

• **اُڇائڻ**: مصدر. [سن. اُچِّ = اڇو] اڇو ڏسڻ ۾ اڇڻ ۔ اڇو لڳڻ ۔ اڇي رنگ جي جهلڪ ڏيڻ. اڇي رنگ تي مائل هُجڻ.

• **اُڇائي ج اُڇايُون**: ث. سفيدي ۔ اُڇاڻ جڻائي. سوجهرو ۔ روشني "اڄ ٻڌ اُڇائي. جوڌهين، ماه چند جي" (شاهه). پاڪيزگي. پاڪدامني ۔

ست، ساراه ـ تعريف "توکي توڙالو لکي، عُمرَ اَچائي" (شاه). صفائي ـ فيصلو ـ جنڀائي نرواري (ليکي يا حساب ڪتاب ۾).

ـ **اَچائي ڪرڻ**: حساب ڪتاب ۾ جنڀائي ڪرڻ. ليکو صاف ڪرڻ.

• **اَچَتَ**: ذ. [سن. اَ = نہ + ڪُشتَ = پڳل. اُن جا سڄا دانَا يا جانور جي ڪريا ڪرم.. ڪتب آتبا آهن. پڳل اُن.

• **اَچَتُ**: صفت. [سن. اَ = نہ + چَبْ = چٻهڻ] نہ چٻهڻ جهڙو ـ اهو جنهن کي چُهي نہ سگهجي يا جنهن کي هٽ ۽ نہ لاتو ويو هجي. صاف ـ پاڪ ـ نرمل.

• **اَچَتُ** (ل): ظرف. [سن. جهتِت] يڪدم. جهت پت ـ تُرت ـ فوراً ـ اَمالڪ. جلد ـ تڪڙو. ڪن ۾ ـ لحظي. [سن. اُچِچتَ = اَدْ = مٿي + سِتَا بيندل] مٿي ـ بالائي ـ مٿاهون ـ مٿيون. رکن يا چُهڻ ڪان سواءِ. [سن. اَ = نہ + چِنتُ، چِت = خيال ڪرڻ] بي خيالو ـ اوچتو ـ اچانڪ [سن. اَچِچِشْتَ] اوباريل ـ باسي ـ پاروٺو (طعام) استعمال ۾ نہ آندل (پاڻي وغيره. تازو پاڻي جو ڪوه مان ڪڍيو ويو هجي ۽ جنهن ۾ منجهس هٽ نہ وڌو هجي).

• **اَچَتو** ج **اَچَتا**: صفت. [سن. 1. اَ = نہ + چَبْ = چٻهڻ، يعني جنهن کي هٽ نہ لڳو هجي؛ 2. اَچِبْتَا = جنهن کي گناه نہ چَٽو هجي] اَچَتُ. پاڪ ـ صاف. نئون. تازو "آڻي آبُ اَچتو، مهت جُسي کي زور سان".

ـ **اَچَتائي**: ث. صفائي. پاڪيزگي. اُجلتا.

ـ **اَچتو آبُ اوتڻُ**: ڪوڙها ڳاڙهڻ ـ روئڻ.

• **اَچتورو** ج **اَچترا**: ذ. صفت. اُچاتو.

• **اَچَڪُ**: ذ. [سن. اَڪْشَتَ < اَ = نہ + ڪُشتَ = پڳل] سڄا (جانور يا جَوُ جي ڏرمي ڪريا ڪرم ۾ ڪم آچن). سَوَن جو هڪ قسم (جنهن ۾ برهمڻ پاڻي، ۽ جانورن وغيره جو ٻُڪ پري ڏيندو آهي). ڏانڻ جي عوض برهمڻ کان ڪا مليل شيءِ (جا رَسَدار هجي). سَنڪَلْپ.

ـ **اَچَڪ پاڻيُ**: پاڻيءِ جانورن جي لَب يا جُرون ۾.

ـ **اَچَڪ پاڻي يَڏَنُ**: سَنڪَلْپ ونڻ. ڪو وعدو ڪري ٻيڙيءِ يا شراب ٻيئڻ وغيره جي عادت کي صفا چڏي ڏيڻ.

• **اَچَڪاءُ** ج **اَچَڪاءُ**: ذ. صفت. اچيرو ـ ٺورو اچو.

• **اَچَ پَچَنْدِي** (ل): ظرف. ڪڏهن ڪڏهن ـ ورلي.

• **اَچَڙُ، اَچَڏُو**: ذ. صفت. جو نہ چڏي = مَچَڏُ. جڳا ـ ڳڪ (ت). شومر ـ بخيل ـ ڪنجوس. مَسڪُ.

• **اَچَرُ**: ذ. [سن. اَڪْشَرَ] اَکَر ـ حَرْف.

ـ **اَچَروِتي**: ذ. اکرن جو علم ـ علم ٿهجي. هڪ تارن واري ساز وڄائڻ جو هڪ نمونو (جنهن مان راڳ جا اکر ادا ٿين).

ـ **اَچَري** ج **اَچَرِيُ**: ذ. صفت. اکري ـ اکرن وارو. سڄا اکر لکندڙ ـ خوشخط. علمي.

• **اَچِرَ** ج **اَچِرُنُ**: ث. [سن. اَچِچُد = وڌڻ] جانورن يا ٻڪين کي ڪُهڻ لاءِ تيز پٽر.

• **اَچرا** ج **اَچرائون**: ث. [سن. اَيسرا] آچرا ـ پري.

• **اَچرانڊِ** (ل): ث. [سن. اَچِچ = اچو] ميدان ٻوٽو.

• **اَچِرڻُ**: مصدر. [سن. اَچِچ = اچو] صاف ٿيڻ ـ اَچرڻُ.

• **اَچِرڻُ**: مصدر. [سن. اَچَلْ = اَتَ = مٿي + چَلْ، شَلْ + هلڻ، ڊوڙڻ] اَچلَڻُ. اُجلجي ٻَرَڻ ـ ڪاهي ٻوڙ ـ ڏوڪڻُ ـ ٽپو ڏيڻ "اُچريو پٺان آر ۾، ترسان نہ ڪنهن تَرَ ڪان" (شاهہ). اَيرڻ ـ مٿي چڙهڻ ـ اَسَرڻُ. [سن. اَدْ ـ ڪُرِيُ] اُلٽي ڪرڻ ـ قَيْ ڪرڻ.

• **اَچِري** ج **اَچِرِيُون** (ل): ث. ڏاڇن ويڙهڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڏاڇو چوڪڙيءِ وانگر ويڙهجي).

• **اَچِرِيُ** ج **اَچِرِيُون** (ت): ث. [سن. اَشْر = ڪُنڊ. ڪنهن به شيءِ جو تکو پاسو. ترار جي ڌار] آٽي ـ ڇهنب ـ نوڪ.

• **اَچَڙُ، اَچَڙو**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + چَتْ = چَجَڙُ] اَڻ چَڙيل (جانور وغيره). اهو اناج جنهن کي اڪريءِ مُهريءِ ۾ چڙي يا صاف ڪري نہ سگهجي.

• **اَچَڙُ**: ذ. صفت. اَڻ ڇڙندڙ ـ جو چَڙي نہ سگهي ـ چڪي بدل. مَنجهيل.

• **اَچڙا، اَچڙيا**: ذ. جانورن جو هڪ قسم.

• **اَچڙو**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَچڙو** ج **اَچڙا**: ذ. جوئر جو هڪ قسم اچو اَن توڙي ٿهہ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم ـ نوشادَرُ. (صفت) اچي رنگ وارو ـ ٺورو اچو ـ اچيرڙو. (ث) اَچڙي ج اَچڙيُون.

• **اَچڙو** (ڪ): ذ. گانگٽ جو هڪ قسم. وچولي قسم جو گانگٽ.

• **اَچڙو**: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **اِچڪ** ج **اِچڪ**: ذ. صفت. [سن] خواهشمند ـ متمني. (ظرف) پاڻمرادو ـ پنهنجي سر.

• **اَچڪ** ج **اَچڪ** (ت): ذ. صفت. چالاڪ هٽ جوڙ هو. خوش. سڪي ـ آسودو.

• **اَچڪو** ج **اَچڪا**: ذ. هٽ چو هائي ڪندڙ جوڙ. چالاڪ.

• **اَچَلُ** ج **اَچَلُون**: ث. [سن. پرا. اَچَچَلَ < اَتْ + چَلْ + چَرَ يعني اڳتي هلڻ. مٿي اڏامڻ] پرواز ـ اڏامڪ. اُچلائڻ يا ڦٽي ڪرڻ جي حالت. اُچلجڻ جي حالت. چلانگ ـ چال. جهنڪو ـ لوڏو. چپي ـ سٽ.

پائڻ، جو چلکو. پالوٽ – اَڇَلَ. لَهَر. اُدمو – جذبو – سڪ – اڪنڌ "آيس من اُڇَلَ. تيلاهين تو ڳڑي" (شاهه). تيزي – تڪڙ. پکين قاسائڻ جي جاري. کانپائي هڻڻ جو هڪ طريقو. چوپائي جو ٽوڻو – اَڇَلَ [سن. اُدْ – گُري] اُلٽي – قيءَ – ڪَيَ.

- **اُڇل ڏيڻ:** اُڇلائڻ. ٽپو ڏيڻ (جيئن چشمي مان پاڻي اُڇلَ کائي). چڙب ڏيئي ڳالهائڻ. ڦٽو ڪرڻ. مُبهم ڏَسَ پتو ڏيڻ. ڳالهائيندي ڳالهائيندي بن معنائن واري ڳالهه ڪرڻ. اڌ سڌي ڳالهه ڪرڻ.
- **اُڇَلَ ڪيڏ:** اُلٽي ڪيڏ – قيءَ ڪرڻ.
- **اُڇلوڻو ڏيڻ:** زور سان وهڻ (پاڻيءَ جو). وڏهڻ لاءِ اُلرون ڪرڻ.

• **اُڇلائڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + جَلْ + بُرڻ] ڦٽو ڪرڻ – اُڇلڻ. (اُڇلايو – اُڇلائيندو – اُڇلايل).

• **اُڇلجڻ:** مصدر "اُڇلڻ" مان فعل مجهول. اُڇل کائڻ – ٽپڙ کائڻ – ٽپ کائڻ. اُڇنجي پري پَوڻ. ڏَڪ کائڻ.

• **اُڇلڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + جَلْ + بُرڻ] ڦٽو ڪرڻ – اُڇلائڻ – اُڇلائي ڇڏڻ – سَٽڻ" ڪٽي ڦٽو ڪرڻ – مٿان ڪري ڇڏڻ "تن وڃائين تار ۾، آڏيءَ رات اڇلي" (شاهه). (اُڇليو – اُڇليندو – اُڇليل).

• **اُڇلو ج اُڇلا (ل):** ڏ. ڏڪئي – رڦي. ڏڪئيءَ جو مرض. اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ وهڻ مهل اُٺ جون ٽنگون ڏڪن). ڳيڙيءَ جو مرض.

• **اِڇنا ج اِڇناڻون (ٿ):** ٿ. [سن. اِچِکا] سُڪا – باس.

• **اَڇَنڊ ج اَڇَنڈ (ت):** ڏ. صفت. [سن. اَچّ = صاف] صاف. تندرست.

• **اَڇَنگ ج اَڇَنگ (ل):** ڏ. اُڇانگ – ٽپ. اُدڪو. بدن تي ڏاڙهي هڻ لڳڻ سبب ٽيل سيسرات.

• **اُڇَنگار ج اُڇَنگارُون:** ٿ. [سن. اچّ +ڪار] زور سان سڏڪا پري روئڻ جو آواز – اوڇنگار – آهه و فغان "هَلَڪ فَلَڪ، ڏرتي ڏهي. آئي عرش مٿان اُڇنگار" (شاهه).

• **اُڇوءُ، اُڇيوءُ (لس):** مصدر. اُڇڻ – سڃاڻ ٽپڙ "مون کي سمهاري سيج تي، تا آڏيءَ اوءِ اُڇن". (اُڇليو – اُڇيندو – اُڇيل).

• **اُڇو ج اُڇا:** ڏ. صفت. [سن. اُچِّ: اَچّ] اڇي رنگ جو – سفيد – بگو – اَبيض. چٽو – صاف – پاڪ نرمل. اُجل. چمڪو. اڇو پاڻي "اُڇو پيو اُڇاهه، تہ اُڇائي اُنهو" (شاهه). بنا عيب – بي عيب "جڻن عمر. اڇو ٿوڻ. ٽڻن آڏ مرکان وڃ مارئين" (شاهه). (ٿ. اُڇي ج اُڇيوڻ). ڏونرو. (ڏ) نانگ جو هڪ قسم.

- **اُڇَن ڏَنڊن جي پريت هُجَڻ:** بنا لالچ جي قرب هُجڻ – بي لوث محبت هُجڻ.
- **اُڇن ڏي ڏسڻ:** اُڇيءَ ڏاڙهيءَ جو ننگ ٿيڻ – وڏيءَ عمر وارن کي عزت ڏيڻ.
- **اُڇو اُجرو ج اُڇا اُجرا:** ڏ. صفت. صاف ستُرو – اُجَل.
- **اُڇو بازيگر:** ڏ. جُوئر جو هڪ قسم (جنهن جو سنگ وڏو ۽ ڪمان وانگر وريل هجي).
- **اُڇو پڑانگ:** ڏ. سارين (جانورن) جو هڪ قسم.
- **اُڇو تِتَر:** ڏ. هولينڈ تتر جو هڪ قسم (جو ماڻهو ڏارندا آهن).
- **اُڇو ٿُوهُن (ڪ):** ڏ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم –اڇي رنگ واري پابليٽ.
- **اُڇو جائي جاوو:** ڏ. ڪُڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جا ڪنب اُڇا ۽ ٽڪا ڏسجڻ ۾ اچن).
- **اُڇو جيُرو:** ڏ. جيري جو هڪ قسم خوشبودار بج جو هڪ قسم (جو دوا طور ڪم اچي). پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.
- **اُڇو دل جو:** ڏ. صفت. صاف دل – نيڪ نيّت.
- **اُڇو ڏَنڊيو:** ڏ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **اُڇو ڏيڻ اُڇو وٺڻ:** صاف نموني ڏيتي ليتي ڪرڻ – وهنوار سُٿو رکڻ. ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪپت نہ ڪرڻ.
- **اُڇو ڪارتوهو:** ڏ. (ٿري) جوئر جو هڪ قسم.
- **اُڇو ڪرڙو (ٿ):** ڏ. جيت جو هڪ قسم.
- **اُڇو ڪرڻ:** مهتي سهتي صاف ڪرڻ. صاف ڪرڻ – جنو ڪرڻ. ڳاهه ڳاهڻ بعد اَنَ واڙي صاف ڪرڻ. بي ڏوهي ثابت ڪرڻ.

• **اُڇوڪرُ (ت):** ڏ. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏيهه ڦل واهڻ تعلقي خيرپور ۾ ٿئي ۽ تعلقي روهڙي ۾ به عام آهي. هن ڪجيءَ جي ڪتل کي ريشو ڪوڙ ٿئي).

- **اُڇو گرگلو:** ڏ. جُوئر جو هڪ قسم.
- **اُڇو گلابُ:** ڏ. گلاب جي گل جو هڪ قسم. جانورن جو هڪ قسم.
- **اُڇو گيرو:** ڏ. گيري (پکيءَ) جو هڪ قسم.
- **اُڇو مٹو اُتو خراب:** محاورو. ڪراڙ ۾ بيهودا ۽ واهيات ڪم.
- **اُڇو مٹو ٿيڻ:** پيري اڇڻ – مٽي جا وار اُڇا ٿيڻ.

• **اُڇو مٹو ڪرڻ:** پوڙهو ٿيڻ. جواني گذاري پيريءَ ۾ اچڻ.

- **اُڇو مُنهُن ٿيڻ:** (طنزاً) ڪارو منهن ٿيڻ – ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابيءَ بدران ناڪاميابي حاصل ٿيڻ – هارائڻ.
- **اُڇو مُنهُن ڪرڻ:** (طنزاً) ڪناهه جهڙو يا جڏو ڪم ڪري پاڻ کي شرمندو ڪرڻ – بُڇڙو ڪم ڪرڻ. ڪارو منهن ڪرڻ.
- **اُڇي تي ڪارو:** (اصطلاح) لکيل –لکيت ۾ (ڏ) تحرير.

ـ **اَڇي تي ڪارولڳڻ:** ڪوڙ لکڻ ـ (بندي ۽ پ) ڪوڙي رقم داخل ڪرڻ.

ـ **اَڇيرڙو ج اَڇيرڙا:** ذ. صفت. "اَڇي" جو تصغير. ٿورو اَڇو.

ـ **اَڇيرو ج اَڇيرا:** ذ. صفت. اَڇاڻ تي مائل ـ ڪجھ اَڇو.

• **اِڇو ج اِڇا (س):** ذ. صفت. [سن. اَشِشْتَ] جھنگلي ـ وحشي ـ بدو. بي رحم ـ بي قياس. بڪرار ـ ڏراڙ. ڏاريو ـ اوپرو ـ اَجنبي.

• **اَڇوٽ ج اَڇوٽ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + چُپْ = > چُپْتَ = ڇُھيل] اھو جنھن کي ناپاڪيءَ کان ڇُھي نہ سگھجي. پليد ـ ناپاڪ ـ نَجِس. شڪاري ـ ھريجن ـ گھٽ ذات.

ـ **اَڇو ٿيڻ:** ذ. نہ ڇُھڻ جي حالت ـ اَڇوتائي.

• **اَڇوتو ج اَڇوتا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + چُپْ = ڇُھڻ] جنھن کي ھٿ نہ لاتو وڃي ـ ڪم ۾ نہ آندل ـ اڻ واپرايل. سُٿرو. پاڪ. تازو. اَڇوتو. محفوظ.

• **اِڇوڻ (س):** ز. ڏونري جا سُڪل ڏِڳ ـ پنير.

• **اَڇوڻي (ل):** ث. ڪپڙي جو ھڪ قسم (رنگ ڳاڙھو، ڪن اڇا، ڪير جي پلي).

• **اَڇوڻي ريدي:** ث. ڪپڙي جو ھڪ قسم (رنگ ڪجھ ڳاڙھو، ڪجھ ڪارو، ڪجھ اَڇو؛ سڳ سنوان ۾ ڏڳها. ٽڻ پورا پنا).

• **اَڇھرو ج اَڇھرا:** ذ. صفت اُڇاتو ـ مٽاچرو. اَبھرو. ڇالاڪ ڪڙو تڙو. (ث). اَڇھري ج اَڇھريون.

• **اَڇھرو پوڻ:** تيز پوڻ ـ ڪھرو پوڻ.

• **اَڇھري ج اَڇھريون:** ث. صفت. [سن. اَچْھِرِنْڪَلِ = بي لغام، ڇڙواڳ] ڇڙواڳ عورت ـ ويڇھڙ.

• **اَڇي:** صفت. [سن. اَ = نہ + ڪُشْتِي = ناس ٿيڻ] ناس نہ ٿيندڙ.

• **اَڇيُ ج اَڇيون:** ث. صفت. [سن. اَجّ] "اَڇو" جو مؤنث ـ اڇي رنگ جي ـ سفيد ـ چٽي ـ بگي.

ـ **اَڇي ڏُري:** ث. ڏورُ جو ھڪ قسم.

ـ **اَڇي ڇانڻهين:** ث. ڪپڙيءَ جو ھڪ قسم.

ـ **اَڇي ڏاڙهي ائو خراب:** محاورو. پيريءَ ۾ بُرا ڪم ڪرڻ.

ـ **اَڇي ڏاڙهيءَ کي (ڏي) ڏِئڻ:** پيريءَ جو ننگ پوڻ ـ ٻڌاپڻ کي عزت ڏيڻ.

ـ **اَڇي ڪوڏي، ڪڏي:** ث. ڏورُ جو ھڪ قسم.

• **اَڇين ڇڇين، اَڇين ڪڇين:** ظرف. ظاھر ظھور ـ ڪليو ڪلايو ـ پڌري پٽ. بنا رندڪ ـ بنا ھَٻڪ ـ صاف ٿي صاف. ديده دانسته ـ ڏٺو ڄاڻيو.

ـ **اَڇين ڇڇين نڪرڻ:** ظاھر ظھور نڪري وڃڻ. جلد نڪري وڃڻ.

ـ **اَڇين ڪڇين ڇَٽي اَڇڻ:** ڏوھ ھوندي بي ڏوھو ثابت ٿي ڇَٽي اڇڻ.

• **اڇيھ:** صفت. بي انت ـ گھٽو "سي ٻيئ رات پر ڪئي اوتين آب، اڇيھ" (لطف ا قادري). بي حد ـ بي ڪنار "ڪنہ اوڙاہ اڇيھ، وڻا رونيس ورتيئو" (لطف ا قادري).

• **اُڃ:** ذ. [ع. اَحْ = ڪنگھڻ] ڪنگھڪار. سور کان واکو ـ ڇنگھ.

• **اُڃ اُڃ ڪرڻ:** ڪنگھڻ. ايذاءَ کان آھستي آھستي آواز ڪڍڻ. ڇنگھڻ ـ ڪنجھڻ.

• **اَحاديث:** ث. [ع. حديث ج اِحاديث] حديثون.

• **اِحاطو ج اِحاطا:** ذ. [ع. اِحاطة = چوگرد وکوڙڻ] باھرين چوگردي پٽ. ديوار ـ ڪمپائونڊ وال (Compound_wall) ـ حاطو. گھيرو ـ دائرو. آسرو ـ پناھ "تازي طويلن ۾، آه اِحاطو جھلّ" (شاھ). حيرت ـ دھشت "احاطو ٿيندو جڏھن سينگاريا سُپرين" (شاھ).

ـ **اِحاطو ڪرڻ:** گھيرڻ ـ گھيرو ڪرڻ. حد بندڻ.

• **اَحَبّ:** صفت. [ع. "حَبِيب" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ پيارو ـ وڌيڪ پيارو.

• **اَحِبّا:** ذ. [ع. حَبيب ج اَحِبّاءُ] دوست ـ سائي.

• **اَحْبابُ:** ذ. [ع. "حبّ" جو جمع] دوست ـ يار ـ سنگتي ـ سائي ـ مُحب ـ پيارا ـ عزيز.

• **اِحْتِباسُ:** ذ. [ع. حَبَسَ = ھُن روڪيو] روڪ ـ اڪاڻ جسم اندر ڪنھن رطوبت يا ماده جي روڪجي وڃڻ جي حالت "اِحْتِباسُ البول = پيشاب جي روڪ".

• **اِحْتِجاجُ:** ذ. [ع] سخت اعتراض. سخت ناراضگي.

• **اِحْتِذارُ:** ذ. [ع. حَذَرَ = ھُن حذر ڪيو] حذر ـ پاسو.

• **اِحْترازُ:** ذ. [ع. حَرَزَ = ھن بچاء ڪيو] بچاءَ. پاسو ـ پرھيز. ڪري ـ رک. خواھش تي ضابطو. غذا.

• **اِحْتِراقُ:** ذ. [ع. اِحْتَرَقَ = ھُو سَڙيو] ساڙ ـ باھ جو مَڄ. سخت اَتساه يا جوش سج جي ويجھڙائيءَ ڪري ڪنھن بہ گره جو غائب ٿيڻ.

• **اِحْترامُ:** ذ. [ع. اِحْتَرَامَ = ھن عزت ڏني] عزت ـ آبرو ـ مان ـ تعظيم ـ توقير ـ آدر. اَدَب.

• **اِحْتِسابُ:** ذ. [ع. اِحْتَسَبَ = ھُن حساب ڪيو] جاچ ـ سنڀال ـ نظرداري ـ چوڪسي. وَٽن ۾ ماڻڻ جي چڪاس.

• **اِحْتِشامُ:** ذ. [ع] حشمت ـ دبدبو. حياءَ لَڄ.

• **اِحْتِلامُ:** ذ. [ع] نند ۾ تَرَ پوڻ جي حالت ـ تَرُ (بلوغت جي نشاني).

ـ **اِحْتِلامُ اَچڻ، ٿيڻ، پوڻ:** تَرَ پوڻ ـ نند ۾ ناپاڪ ٿيڻ.

• **اِحْتِمالُ:** ذ. [ع] ٿي پوڻ جي حالت ـ شڪ ـ اِمڪان ـ انديشو. گمان ـ شُبھو.

ـ **اِحْتِمالُ ڪرڻ:** شڪ شُبھو ڪرڻ ـ گمان ڪرڻ.

ـ **اِحْتِمالُ هُئڻ:** شڪ هُئڻ. شڪي هُئڻ.

ـ **اِحتمالي اُصولَ:** ذ. فرضي يا شڪي اُصول.
• **اِحتياج:** ذ. [ع] ڪپ – گهرج – ضرورت – لوڙ – طلب.
ـ **اِحتياجمَنْد:** ذ. صفت. گهرجائو – ضرورتمند – محتاج.
• **اِحتياط:** ذ. [ع] حفاظت – سنڀال – بچت – بچاءَ. هوشياري – دوراندیشي. جوکسي.
ـ **اِحتياطاً:** ظرف. احتياط طور. دوراندیشيءَ خاطر.
• **اِحتيال:** ذ. [ع] حيلو. اُٽڪل – ڪيڏ. هُنر – ڏنگ.
• **اَحَدُ:** صفت. [ع] هڪڙو – واحد. اڪيلو – تنها – يگانو. (اسم خاص) خدا تعالیٰ جو هڪ صفاتي نالو. هڪ اَللّٰه "السّت ارواحن کي، جڏهن اَمرُ ڪيو اَحَدَ" (شاهه).
ـ **اَحَدانْ:** ظرف. اَحَد کان. اللّٰه کان.
ـ **اَحَدِيّت:** ث. هيڪڙائي – اڪيلائي – يگانگي. وحدانيت "عبديت کي اَحديت ۾، تون لالڻ جو نه لڪائين" (بيدل).
• **اَحَدُ:** اسم خاص. [ع] مديني شريف جي ٻر سان هڪ جبل جو نالو (جنهن وٽ مڪّي جي ڪافرن ۽ رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه و آلہ وسلم جن جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي).
• **اِحْدَاثُ:** ذ. [ع] ڪنهن شيءِ جي نئين سر پيدا ڪرڻ يا رواج ۾ آڻڻ جي حالت.
• **اَحدي ج اَحدي:** ذ. صفت. [ع] هٿيارن ٻنهوارن سان نوڪر – سپاهي. جنگجو – پهلوان.
• **اَحرار:** ذ. [ع] شريف آزاد خيال آدمي – اُهي ماڻهو جي دنيا جي بندڻن کان آجا آهن. (اسم خاص) هڪ سياسي جماعت جو نالو.
• **اِحْرامَ ج اِحْرامَ:** ذ. [ع] حج يا عمري جي موقعي تي اڻ سيبل چادرون هڪ سان گوڏ ٻڌجي ۽ ٻي بدن کي ويڙهبي آهي. اهڙي اڻ سيبل ۽ ڪپڙي پهرڻ جي رسم. هڪ مقرر جاءِ کان ڪعبةاللّٰه تائين پاڻ تي ڪن (جائز) ڪمن جي حرام ڪرڻ واري حالت.
ـ **اِحرامَ بَنْدَ:** حج جو ارادو ڪري مڪي ڏانهن سفر شروع ڪرڻ وقت اڻ سيبل ڪپڑا يا چادر پائڻ (جن سان مٿي کان سواءِ ٻيو بدن ڍڪجي).
• **اَحزاب:** ذ. [ع. حِزْب ج احذاب] قرآن شريف جي هڪ سُورة جو نالو. قرآن شريف جو ستهون حصو يا اڌ سيپارو (جو وظيفي طور ڏينهن ۾ ٻه دفعا پڙهبو آهي. جيئن ساري قرآن شريف جو دور مهيني ۾ پورو ٿي وڃي). ٽولا (خصوصاً مڪي جي ڪافرن جا، جي رسول اللّٰه صلي اللّٰه عليه و آلہ وسلم سان لڙائيءَ خاطر سنبري آيا هئا، ۽ حضور جن مديني جي چوڌاري خندق کٽائي هئي).
• **اِحساس ج اِحساس:** ذ. [ع] ڪنهن به حواس جي وسيلي معلوميت. شعور. پروڙ – جاڻ.
ـ **اِحساسُ ٿيڻ:** معلوم ٿيڻ (ڪنهن به حواس جي ذريعي) – محسوس ٿيڻ. خبر پوڻ. قياس ٿيڻ.
• **اِحسان ج اِحسانات:** ذ. [ع. حَسَن = چڱو ٿيڻ] مهرباني – مهر – ٽورو – پلائي – وڏ نيڪي. ڪرم – ٻاجهه.
ـ **اِحسانات:** ذ. مهربانيون – ٽورا پلاڻيون.
ـ **اِحسان جَتائڻ:** احسان ياد ڏيارڻ. مهرباني ظاهر ڪرڻ. ٽورو ٽڪڻ.
ـ **اِحسانُ رکڻ:** ٽورو رکڻ. مهرباني رکڻ. وڏ ڪرڻ.
ـ **اِحْسانَ فَراموش:** ذ. صفت. احسان وساريندڙ – ڇڻ چور – بي مُروّت – بي وفا – بي شُڪر.
ـ **اِحسان ڪرڻ:** مهرباني ڪرڻ – ٽورو ڪرڻ.
ـ **اِحسانَ ڪَٽڻ:** ٽورو ڪٽڻ – مهرباني ڪٽڻ. شڪر گذار ٿيڻ.
ـ **اِحسانَ گذارَ:** ذ. صفت. ٽورو لاهيندڙ.
ـ **اِحسانَ مجنْ:** ٽورو منجهُ – مهرباني مجڻ – ڇڻ مجڻ. شُڪر گذاري ڪرڻ.
ـ **اِحسانَ مَنْدَ ج اِحسان مَنْدَ:** ذ. صفت. احسان مجيندڙ – اِحسان هيٺ آيل – ٽورائتو – شڪر گذار – ممنُون.
• **اَحسَنْ:** صفت. [ع. "حَسِيْن" جو تفضيل] وڏيڪ چڱو – تمام چڱو – وڏيڪ خوبصورت ۽ نيڪ. زور پسند – نهايت وٽندڙ.
ـ **اَحسَنُ الْخالقين:** صفت. سڀ کان سهڻو خلقيندڙ (خدا).
• **اَحسَنْتَ:** ندا. [اَحسنت = تو چڱو ڪيو] شاباش.
• **اَحشام:** ذ. [ع. حَشَمَ ج اَحشام] نوڪر چاڪر. حشم خدم.
• **اِحصا:** ذ. [ع. اِحصاء = ڳڻڻ] ڳڻپ – ڳاڻاٽو – شمار. آدمشماري.
• **اَحَقّ:** صفت. [ع. "حقيق" جو تفضيل] وڏيڪ حقدار ـ وڏيڪ لائق.
• **اَحقاف:** ذ. [ع. حِقْف ج اَحقاف] واريءَ جا ڍير يا ڏڙا – ڍُڀون. ناس ٽيل شهر. (اسم خاص) قرآن شريف ۾ هڪ سورة جو نالو.
• **اَحقَر:** ذ. صفت. [ع. "حَقِيْر" جو تفضيل] وڏيڪ حقير – ڪمترين – سڀ کان گهٽ. بلڪل ذليل. ڪسر نفسيءَ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو خط يا درخواست ۾ راقم پنهنجي نالي اڳيان لکندو آهي). ناچيز – خاڪسار.
• **اَحقريّت:** ث. ڪسر نفسي – انڪساري.
• **اَحكام:** ذ. [ع. حُكْمَ ج اَحكام] حُڪم – اَمَر.
ـ **اَحكامِ شرعي:** ذ. شريعت جا حڪم يا فرمان.
• **اَحكَمَ:** صفت. [ع. "حاڪم" جو تفضيل] وڏيڪ پختو – محڪم.
ـ **اَحكَمُ الْحاكمين:** اسم خاص. سڀني حاڪمن کان وڏيڪ محڪم

منصف (خدا).

• **اَحمال:** ذ. [ع. حمل ج اَحمال] بار – بوجا.

• **اِحمال:** ذ. [ع. حَمل] بار کڻائڻ جي حالت.

• **اَحمد:** صفت. [ع. "حميد" جو اسر تفصيل < حَمدُ = ساراهڻ] گهڻو ساراهيل – سڀ کان وڌيڪ ساراهيل. (اسر خاص) حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو ازلي نالو "احد. احمد پاڻ ۾ وڃان ميم 'فرق" (شاهه).

– **اَحمدآباد:** اسر خاص. گجرات جي گادي‌ءَ جو هنڌ. سنڌ جو هڪ شهر (جو شاهپور چاکر، تعلقي شهدادپور، ضلعي سانگهڙ طرف ميان محمد مراد ياب کلهوڑي پٺهنجي گادي‌ءَ طور ٻڌو).

– **اَحمدي:** صفت. رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ڏانهن منسوب. (اسر خاص) پنجاب جي هڪ متنبّي مرزا غلام احمد جا پوءِ لڳ – قادياني، هڪ سونوسڪو.

• **احمد:** اسر خاص. درويش هو ٿي بن لاکي جو فرزند شيخ احمد "احمد محمد مبو قاسم، جي ورائين ويئي، ٽيندا مدت مڙيئي" (شاهه عنات).

• **اَحمدائي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. چانگن ۾ لغارين جو هڪ مشهور قبيلو.

• **اَحمدزَئي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (قلات جي بلوچ تاجدارن جو هڪ قبيلو، جنهن کي قنبراڻي به چون).

• **اَحمَر:** ذ. صفت. [ع] ڳاڙهو – سرخ – رتو – لال.

• **اَحمران:** ذ. به ڳاڙهيون شيون يعني گوشت ۽ شراب يا سون ۽ زعفران.

• **اَحمَقَ ج اَحمَق:** ذ. صفت. [ع] گهٽ عقل وارو – بي عقل – بي وقوف – نادان – مورک – ڇسو – ٻوڪ – ددستو – جريو – هتين مُوڙهل "پراڻين دهلين احمق نجي".

• **اَحمَقاڻو:** ذ. صفت. بي وقوفي‌ءَ وارو – نادانن جهڙو – جڻائي‌ءَ وارو – مُور ڪاڻو (ڪر).

– **اَحمَقپائي:** ث. ٻوڪپائي – نادائي – بي وقوفي – جڻائي.

– **اَحمَقپڻو:** ذ. احمقپائي – بيوقوفي.

• **اَحوالُ ج اَحوَل:** ذ. [ع. حَالُ ج احوال. سنڌي‌ءَ ۾ واحد طور ڪر اڃي] بيان – ذڪر – ڪيفيت – حالت. خبر – معلومات – جاڻ "احوال عاجزن جا، آڇج لڳ الله" (شاهه).

– **اَحوالات:** ث. "حال" جو جمع الجموع. ڪاروبار يا تندرستي‌ءَ جي حالت.

– **اَحوال پُڇائڻ:** بيان ٻڌائڻ – حالت ٻڌائڻ – خبر چار ٻڌائڻ.

– **اَحوال پُرسي:** ث. پڇا ڳاڇا (صحت بابت) – خبر چار ونڻ (ڪنهن خاص واقعي جي يا مُلڪ جي). ڪاروبار يا صحت جي حالت لاءِ پڇا.

– **اَحوال ڏيڻ:** حالُ ٻڌائڻ – حالُ اوريڻ – خبر چار ڏيڻ – ذڪر ڪرڻ.

– **اَحوال وَڌڻ:** خبر ونڻ – سُڌ سماءُ لهڻ – خبر چار پڇڻ.

• **اَحوَج:** صفت. [ع] وڌيڪ ضروري – سڀ کان وڌيڪ ضروري، زياده حاجتمند.

• **اَحوَل:** ذ. صفت. [ع] اهو ماڻهو جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ شيءِ ڪي ٻه ڏسي – ٽيڙو – ڪج چشم. ڳڱ – لڇو.

– **اَحيَاء:** ذ. صفت. [ع. حيّ ج اَحيَاء] جيئرا – زنده (ذ) ٻاڙا – قبيلا.

– **اَحيَاء و اَمْوات:** ذ. جيئرا ۽ مُئا – مُئا جيئرا.

• **اِحيَاء:** ذ. [ع] جيئري ڪرڻ جو عمل – روح ڦوڪڻ جو عمل. نئين زندگي.

• **اِحيَاءُ العُلوم:** اسر خاص. امام غزالي (رح) جي مشهور ڪتاب جو نالو (جنهن جي باري ۾ امام سيوطي جو قول آهي ته اسلام جا سڀ ڪتاب جيڪڏهن نابود ٿي وڃن ۽ فقط "احياء العلوم" باقي رهي، ته ڪا لڪا نه پوندي).

• **اُخ:** ذ. ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪيڻ جو آواز. حقارت جو آواز.

– **اُخ اُخ:** ث. ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪيڻ جو آواز.

– **اُخ ٿُو:** ث. اُخ اُخ. لعنت ملامت جو آواز – ٿُو.

• **اَخ ج اَخ:** ذ. [ع. أخ ج إخوان] ڀاءُ – ادو – برادر. دوست.

• **اَخبارَ (ث) ج اَخبارون، اَخبارُ (ذ) اَخبار:** [ع. خَبَرُ ج اَخبارُ. سنڌي‌ءَ ۾ واحد طور ڪر اڃي] اهو ڇپيل پنو جنهن ۾ خبرون ڏنل هجن – خبرن جو پرچو "مون ڏي اخبارُ مرسل جو مديني شهر ڏانهون آيو" (پير ظهيرالدين).

– **اَخبارنويس:** ذ. (ع. اخبار + فا. نويس) اخبار جو لکندڙ – سمپادڪ – ايڊيٽر.

– **اَخبار نويسي:** ث. اخبار لکڻ يا ڪيڻ جو ڪر – ايڊيٽري.

– **اَخباري:** صفت. اخبار جي – اخبار واري. (خبر).

• **اَخت:** ث. [ع. اُختُ ج اَخَوات] ڀيڻ – همشيره.

• **اِختتامُ:** ذ. [ع] انت – ڇيڙو. آخر – انتها. تڪميل – پورائي.

• **اَختَرُ(ل):** ذ. [سن. اَسْتَر = ڏَکڻ] اوچڻ – بسترو – هنڌ.

– **اَختر بَختر:** ذ. تيڙتاڙي – سامان سڙو – هنڌ اوچڻ.

• **اَختَرُ ج اَختَر:** ذ. [ف] تارو – ستارو – نجم. گرد. بخت – پاڳ – نصيب "بلند اختر نيک اختر = چڱي ستاري يا بخت وارو".

• **اَختر شُمار:** ذ. صفت. تارا ڳڻيندڙ. تارن جي علم جو ڄاڻو – جوتشي

– نجومي.

ـ اُختر شُماري: ث. تارن گڻڻ جو ڪر. جوتش – نجومت.

ـ اُختر شُماري ڪَرڻ: تارا تڪڻ – انتظار ڪرڻ – رات جاڳڻ.

ـ اُختر شناس: ذ. صفت. جوتشي – نجومي.

ـ اُختر ضمير: ذ. صفت. داناءَ – ڏاهو – عاقل.

ـ اُختري: ذ. اڳڪٿي ڪندڙ – نجومي.

• اِخْتِراعْ: ذ. [ع] ڪنهن نئين شيءِ جي ايجاد.

ـ اِختراعات: ذ. ايجادون.

ـ اِختراع ڪَرڻ: ايجاد ڪرڻ. ڪا شيءِ نئين سر پيدا ڪرڻ يا ٺاهڻ.

• اِختِراعي: صفت. نئين ٺاهيل – مصنوعي – جڙتو.

• اِخْتِصارْ ج اِخْتِصارَ: ذ. [ع] ڪنهن وڏي بيان کي ٿورن لفظن ۾ آڻ ڪرڻ – ٿَٽ – خلاصو. تات برج – حاصل مطلب – مختصر مطلب.

ـ اِختصار ڪرڻ: وڏي بيان کي ٿورن لفظن ۾ آڻڻ – مختصر ڪرڻ. ٿَٽ ڪيڻ.

• اِخْتِصاصْ: ذ. [ع] خاص تعلق – خاص لاڳاپو.

• اِخْتِلاجْ: ذ. [ع] ڌڪو (دل جو) يا اضطراب.

• اِختلاجُ القَلْب: ذ. دل جو ڌڪو يا ڏڙڪو – دل جي هڪ بيماريءَ جو نالو.

• اِخْتِلاطْ ج اِخْتِلاط: ذ. [ع] ربط – ميل جول. دوستي – صحبت. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳالهائڻ ۾ ٻاتائي ٿئي).

• اِختلاطُ العَقْل: ذ. عقل جي خرابي. بي عقلي (جا جنون جي حد ناهين نه پهتل هجي) – مالیخولیا جو هڪ قسم.

• اِخْتِلافْ ج اِخْتِلاف: ذ. [ع] اڻبٺت – قوت – وچاندر. جدا رايو – مت پيد. خلاف بياني. ويجو. دشمني – خصومت – مخالفت.

ـ اِختلافات: ذ. جدا جدا رايا. جهيڑا – تڪرار.

ـ اِختلاف اللّيلِ والنّهار: ذ. رات ڏينهن جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ.

ـ اِختلاف راءِ: ث. راين جو ٽڪر.

ـ اِخْتِناقْ: ذ. [ع] ڳهٽو يا گهوگهو.

ـ اِختناق الرّحم: ذ. عورتن جي هڪ بيماريءَ (جنهن ۾ مريض کي غشي يا مرگهيءَ واريءَ حالت ٿئي).

• اِخْتِيارْ ج اِخْتِيار: ذ. [ع. اِختار = چونڊ] زور – وس. مرضي هلندي "وس نه منهنجي وصال ٿيو. ڏاڍو آڪي جو اختيار" (رمضان ڪنپر). حق. حڪم. رعب. (ظرف) روءِ سوءِ ـ پنهنجي منهن – خود خيال.

• اِختيارات: ذ. اختيارپون. احڪام. حقوق.

ـ اِختيار جُمائڻ: حق جمائڻ – قبضو ڪرڻ. حڪم هلائڻ. رعب وهارڻ.

ـ اِختيار رکڻ: حق رکڻ.

ـ اِخْتِيارْ ڪرڻ: پسند يا قبول ڪرڻ (ڪا ريت. رسم. عادت وغيره). ٻاڻ تي هموار ڪرڻ (ڪو ڪر يا ڪا ڳالهه).

ـ اِخْتِيارُ ملڻ: اختياري ملڻ – اجازت ملڻ – قانوني حق ملڻ.

ـ اِخْتِيارَ ۾ هُجڻ: وَس ۾ هجڻ – قبضي ۾ هجڻ. حڪم ۾ هجڻ.

ـ اِختيار نامو ج اِختيار نامَا: ذ. اختياري ملڻ جو پروانو – مختيار نامو. حڪم. حڪم هلائڻ يا خود مختياريءَ جي اجازت.

ـ اِخْتِيارِيْ ج اِخْتِيارِيُوْنْ: ث. مختياري. پنهنجي مرضي. (صفت) پنهنجي مرضيءَ موافق.

ـ اِختياري تعليم: ث. اها تعليم جا رضا سان ڏجي. نه جبرڪاري زور تي. (ضد. اِجباري = زوري. لازمي تعليم).

ـ اِخْتِياريءَ وارو: ذ. وس وارو. وڏو عملدار.

• اِخْتِيازْ: مصدر. اختيار ڪرڻ – قبول ڪرڻ – پسند ڪرڻ "قُلْ هُوَالرَّحْمٰنُ اٰمَنّابه. اِتي اختيارين" (شاهه).

• اِخْتِيار ويْستر: اسم خاص. تعلقي ميريور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• اُخْتِي گهوڙِي: ث. اها عورت جنهن جو اُره اُپريل نه هجي.

• اِخْداعْ: ذ. [ع] ٺڳي – ڏوهه – ريب.

• اَخْذْ: ذ. [ع] اقتباس.

• اخذ: ذ. چونڊ فقرو (تحرير مان). وٺڻ (قول. نڪتو).

ـ أخذ ڪرڻ: اقتباس ڪرڻ – ٻئي جي ڪلام مان تڪرا وٺڻ.

ـ أخذ و اِعْطاء: ذ. ڏي وٺ. واپار.

• اِخْراجْ ج اِخْراج: ذ. [ع. خَرَجَ = هو نڪتو] باهر ڪيڻ جي حالت. شهر نيڪالي – لوڏ. خرچ.

ـ اِخراجات: ذ. [ع. اخراج ج اخراجات] خرچ – خرچ پکا.

• اُخْرَبْ: صفت. [ع. "خراب" جو تفضيل] وڌيڪ خراب يا ويران. علم عروض ۾ هڪ علت جو نالو.

• اُخْروتْ ج اُخْروتْ: ذ. [سن. اَكْشوتَ] اَڪروٽ (سڪل ميوو).

• اُخْروي: صفت. [ع] آخرت يا ٻئي جهان جو – "دنيوي" جو ضد.

• اُخْروي اُمورْ: ذ. ٻئي جهان جا ڪر يا ڪاروبار.

• اُخَصّْ: صفت. [ع. "خاص" جو اسم تفضيل] وڌيڪ خاص.

• اُخْضَرْ: صفت. [ع] سائو – سبز.

• اَخَفّْ: ذ. صفت. [ع. "خفيف" جو تفضيل] وڌيڪ خفيف يا هلڪو.

• اِخْفاءْ: ذ. [ع. خَفي = هُولڻ] مخفي ڪرڻ – لڪائڻ. (عِلْمُ اِخْفاء = ٻاڻ لڪائڻ جو علم).

• اَخْفَشْ: اسم خاص. [ع] اکين جو ڇنڇهو. عربي صرف نحو جي تن مشهور لکندڙن جو نالو.

• **اَخْفَيْ:** صفت. [ع] سپ کان وڌيڪ لڪل يا مخفي. صوفين وٽ دل جي ستن لطيفن مان پويون لطيفو.

• **اَخْگَرُ:** ذ. [ف] برندڙ کوئلو يا اگر - تاندو.

• **اِخْلاصُ:** ذ. [ع] خلوص - سچائي. نيڪي. سچي محبت - دوستي "آدمين اِخلاصَ. مٽائي مائو کيو" (شاه).

_ **اِخْلاصِ مَنْدُ:** صفت. اخلاص وارو - مخلص - خيرخواه _ سچو دوست - سچڙ - گهٽگهرو.

_ **اخلاصَ مَنْدي:** ث. خلوص - سچائي - سچي دوستي.

• **اَخْلاطَ:** ذ. [ع. خِلْطَ ج اَخْلاطُ] چار مزاج (خون. بلغم. صفراء. سوداء).

• **اَخْلاق ج اخلاق:** ذ. [ع. خُلُقَ ج اَخْلاق] (واحد اخلاق =)مائهپو - شرافت "جگي اخلاق وارو" (جمع. اخلاقَ =) جگا لڇڻ - سٽيون خصلتون - نيڪ عادتون - ارکان.

_ **اَخْلاقِ حَسَنَهْ:** ذ. چگيون خصلتون - سُٺا لڇڻ.

_ **اَخْلاقِ حَميدَهْ:** ذ. ساراه جوگيون خصلتون.

• **اَخْنُوخْ:** اسم خاص. [ع] حضرت ادريس جو نالو (بائيبل ۾ "اِينا ڪ" لکيل آهي).

• **اَخْني:** ث. [ترڪي: ف] گوشت يا مڇيءَ جو شوربو - يخني.

_ **اَخْني پُلاءُ:** ذ. شوربي ۾ رڌل مرغن مصالح دار پُلاءُ يا برياني - يخني پلاءُ.

• **اِخْوانُ:** ذ. [ع. اَخ ج اِخْوانُ] پائٽ.

_ **اِخْوانُ الصَّفاءِ:** ذ. سڄا پائٽ. قرون وسطيٰ ۾ مسلمان فيلسوفن جي هڪ جماعت (جن جا فلسفي بابت لکيل رسالا "رَسائِلُ اِخْوانِ الصَّفاءِ" جي نالي سان مشهور آهن).

_ **اِخْواني:** صفت. چلولو. متوالو - پاءُ جهڙو.

• **اَخُوَتْ:** ث. برادري - پائپي. يگانگيت.

• **اَخي:** ذ. [ع] منهنجو پاءُ.

• **اَخْيارَ:** ذ. [ع. خَيِّر ج اَخْيارُ] چگا مائهو - نيڪ انسان.

• **اَخْيَرُ:** صفت. [ع. "خير" جو تفصيل] بهتر - وڌيڪ چگو.

• **اَخيرُ:** ظرف. [ع] آخرين - پڇاڙيءَ وارو - پويون. (ذ) پڇاڙي - انجام.

• **اَخيرَ وَقْت:** ذ. پويون وقت - موت جي ويلا.

• **اَدْ (ت):** ث. خيال. ڪڙڪ

• **اَدا!:** حرف ندا. اي پاڻا - اي پائرا

• **اَدا:** ث. [ع. اَداءَ = پورو ڪرڻ] ادائي بجا آوري - پورائي. (صفت) پورو - سرانجام "اصل لکيو انگ ۾ ٽيندو تان به ادا" (شاه).

_ **اَداءَ بَنْدي:** ث. ڪنهن به ذمي يا فرض جي بجا آوريءَ لاءِ مقرر مدو.

_ **اَدا ڪَرڻ:** پورو ڪرڻ (حق). واپس ڪرڻ (قرض). پورو تلڦ يا اچار ڪرڻ. مخرجن موافق قرآن شريف پڙهڻ. ناز نخرو ڪرڻ.

• **اَدائي:** ث. لفظن جي آخر ۾ ڪرائيندڙ پچاڙي جهڙي اداڻي، ناز اداڻي، وغيره".

_ **اَدائي ج اَدائِيُون:** ث. اداڻگي - بجا آوري - سرانجامي.

_ **اَدائي ڏيڻ:** (مڱڻهارن جو اصطلاح) گهوريا لاڳ ڏيڻ.

_ **اَدائِگي:** ث. بجا آوري - پورائي - سرانجامي.

_ **اَدا ج اَداڻُون:** ث. [ف] انگل آرو - عشُوو "اي ماه لقا، محبوب خدا، تنهنجي ناز ادا تان جان فدا" (مفتون). غمزو - ناز انداز - ناز نخرو. ڍنگ - طريقو - نمونو - وضع. لطافت - نزاڪت. آواز يا تلفظ جي پورائي.

_ **ادا بَنْد:** صفت. اهو جو ناز نخرا بيان ڪري.

_ **اَدا بَنْدي:** ث. نازن جي وصف

_ **اَدا شناس:** ذ. صفت. اشارن مان مطلب سمجهندڙ. ناز سڃاڻندڙ. سمجهو - فهيم.

_ **اَدا فَهم:** ذ. صفت. اهو جو اشارن مان گالهه پروڙي وڃي. ناز نخري جي نمونن جو ماهر.

_ **اَداڪارُ ج اَداڪارَ:** ذ. صفت. نائڪ ۽ بهروپندڙ - نٽ - ويس ڌاري ائڪٽر (انگ Actor).

• **اَدابُ ج اَدَابَ:** ذ. [ع. عَذابَ] ڏک - سور - عذابَ.

• **اَداتَ ج اَداتْ (ت):** ذ. [ع. اَداة ج اَدَواتْ] اوزار - هٿيار.

• **اَداتا:** صفت. [سن. اَ = نہ + داتر = داتا. يعني ان ڏيندڙ] بخيل - ڪنجوس - مکي چوس.

• **اَدارَ ج اَدارَ:** ذ. صفت. [سن. اَدَارَ = اعليٰ. بلند همت] دريا دل - ڏاتار - سخي. سکر - شريف - فيّاض. ايماندار - مخلص. درست ڪار - لائق. ان منجهندڙ - فصيح بليغ.

_ **اَدارتا:** ث. دريادلي - سخاوت - فراخدلي - فياضي - وڏگرائي.

_ **اَدارِجَتْ:** صفت. آزاد طبع - ڪشاده دل. سخي.

• **اِدارو ج اِدارا:** ذ. [ع. اداره = قيرائڻ] آفيس - ڪنتو - محڪمو. انتظار - بندوبست - جوڙجڪ. خاص ڪم ڪندڙ جي انجمن يا جماعت - سنسٿا.

• **اَداسُ:** مصدر. [سن. اَداس < اَدْ = پري + اَس = ويهڻ. سپ کان پري رهڻ. ڪنهن ڪم ۾ بهرو نہ ويڻ] اداس ٿيڻ - غمگين گذارڻ - مايوس ٿيڻ - ملول ٿيڻ. ڏکوئجڻ. (اداسيو - اداسيل).

_ **اَداس:** ث. اداسائي - مايوسي. سک - اڪند. ڏک سک کان لاپرواهي. تياڳ.

_ **اَداسُ ج اَداس:** ذ. صفت. ڏکارو - غمگين. مايوس - ملول. بيزار -

منجهيل. تياگي. اُپٽُ – بي پرواه ـ لاغرض "سوئي اُداسي. جو رهي اُداس اندر ۾" (سامي).

ـ **اُداسائي:** ٿ. غمگيني – مايوسي – پريشاني. ڪُٿتي.

ـ **اُداس ٿيڻ:** غمگين ٿيڻ. ملول ٿيڻ. مايوس ٿيڻ.

ـ **اُداسڻ:** ٿ. اُداسيل – ڏکويل عورت – غمگين عورت.

ـ **اُداسي ج اُداسي:** ذ. صفت. دلگير – مايوس – ملول. ڏکارو – مغموم. سڪايل – ويڪاڻل. اڪيلو – تنهائي پسند. تارڪ – تياگي. (ذ) فقيرن جو هڪ گروه. اهو فقير يا فيلسوف جو ڪنهن ڳالهه ۾ دلچسپي نه وٺي ۽ ڏک سک جي پرواه نه رهيس.

• **اِداهتَ:** ٿ. [ع. اِدامة = هميشگي بخشڻ] پايندگي – دوام – هميشگي.

• **اُدام الله:** ندا. [ع] شل خدا دائم رکي.

• **اُداني:** صفت. [سن. اَ = نه + دا = ڏيڻ] اڻ ڏيندڙ – بخيل – دان نه ڏيندڙ. [ع. اَدْنيٰ ج اَداني] وڌيڪ ويجهڙا. وڌيڪ خسيس.

• **اَدَبَ:** ذ. [ع اَدَبُ ج اَدابُ] خُلق – فضيلت. تهذيب – شائستگي. عزت – مان. مروّت – وڏن جو لحاظ. فهمايش – تنبيه ـ سزا – سيکت "ادب اکرين کي ڏيهائي ڏيان" (شاهه). سانگو – لحاظ "ڪٿ ڪاتي، وڏ انگڙا. ادب ڪرم ڪوء" (شاهه). اهو علم (علم ادب) جنهن ۾ لغت، تاريخ، فلسفي وغيره عموماً، ۽ نثر نوڙي نظم ۽ انهن جا قاعدا قانون (خصوصاً، بيان، معاني، بديع، عروض ۽ قوافي) سڀ اچي وڃن.

ـ **اَدَب آموز:** ادب سيکارينڙ – تهذيب جي تعليم ڏينڙ. استاد. شاگرد.

ـ **ادب اَندازو:** ذ. ڇڳا لڳن.

ـ **ادب پَروَرُدو:** ذ. صفت. ادب ۾ پاليل (استاد يا شاگرد).

ـ **اَدَبَ ڏيڻ:** سيکت ڏيڻ – گوشمالي ڪرڻ "ادب اکرين کي ڏيهائي ڏيان" (شاهه).

ـ **اَدَبَ رکڻ:** عزت ڪرڻ – لحاظ رکڻ.

ـ **اَدَبَ سان اُهو هُئڻ:** تعظيم سان اٿي بيهڻ. سدائين نياز نوڙت سان گذارڻ "اٻيون گهڻي ادب سين، ونيءِ حورون حيرت هنڌ" (شاهه).

ـ **اَدَبَسْتان، اَدَب گاهُ:** ذ. درسگاه ـ جتي ادب سيکاريو وڃي.

• **ادب ڪرڻ:** لحاظ ڪرڻ – عزت ڪرڻ.

ـ **اَدَبَ ۾ رکڻ:** ضابطي ۾ رکڻ.

ـ **اَدَبي ج اَدَبي:** صفت. ادب وارو – پڙهيل – عالم – مهذب. علم ادب سان تعلق رکندڙ (شيون. ڳالهيون وغيره).

ـ **اَدَبيات:** ٿ. علم ادب يا ساهت سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون – علم ادب.

ـ **اَدَبي تاريخ:** ٿ. علم ادب جي تاريخ.

ـ **اَدَبي عُلومَ:** ذ. صرف، نحو، عروض، معاني، بيان، بديع ۽ منطق.

ـ **اَدَباءَ:** ذ. [ع. اديب ج اُدباء] اديب. علم ادب جا ڄاڻو يا ماهر.

• **ادب:** ذ. "عدت" ۾ ويندل عورت جي حفاظت واري رسم.

• **اِدْبارُ:** ذ. [ع] بدبختي – بدقسمتي – تنزل. مفلسي. نياڳ – نحوست.

• **اُدْبُدو ج اُدْبُدا:** ذ. [سن. ۱. اُدْبَدْ = جوش ڏيارڻ. ۲. بُدْبُده = بُد بدو. قوتو] بُدبدو – بوڙيو – حباب – ڦوڪڙو (پاڻيءَ جو). بيقراري پيدا ڪندڙ خيال. اُدمو – جوڪي – ريجڪ – لهر.

• **اُدَتُ:** صفت. [سن. اُدِتَ = مٿي چڙهيل] اُپريل (سج). مشهور – ممتاز.

• **اُدْتي:** صفت. [سن. اَ = نه + دُوْيَتَ = دوئي] جنهن جي دل ۾ دُوئي يا بيائي نه هجي. اُدَوتي. (ذ) بي پايان بهشت (زمين. ڪرسي ۽ آسمان کان تمام پري).

• **اُدَڇ (ڪ):** نڙيءِ ۾ سُر سُر. ڪ ڪنگهه.

• **اُدَڇ ج اُدَڇَ (ڪ):** ذ. ڏند.

• **اِدخارُ:** ذ. [ع. "ذخر" جو افتعال] ذخيرو ڪري رکڻ.

• **اِدْرائيونُ (ٿ):** ظرف. اوجتو – اتفاق سان.

• **اِدْراجَ:** ذ. [ع] بند ڪرڻ. (خط لفافي ۾). درج ڪرڻ.

• **اِدْرارُ:** ذ. [ع. اِدْرارُ = ڪير جي ڌار جو وهڻ] پيشاب جي گهٽائي – ذيابطيس. سخت بارش. سخا – فيض. وظيفو – اسڪالرشپ.

• **اِدْراراتَ:** ذ. [ع. اِدْرارُ ج اِدْرارات] مينهن جا وسڪارا. گهٽيون بخششون ۽ عطائون.

• **اِدْراڪُ ج اِدْراڪ:** ذ. [ع] ڪنهن به شيءِ جي حواسن سان پروڙ. پروڙڻ جي قوت. ڪنهن ڳالهه جي نتيجي يا تهه ڪي پهچڻ جي طاقت. عقل – فهم. بوجهه – ٻُرجهه – پروڙ – سجاڻ. بلوغت.

• **اُدْرَڻ (ٿ):** مصدر. [سن. وِدْرِيْ = ڦاڙڻ. اڪيلڻ] اِدڙڻ. اُديڙڻ – ڏاڍا اڪيلڻ.

• **اُدْرُشُ:** صفت. [سن. اَ = نه + دُرْشْ = ڏسڻ يعني جو ڏسجڻ ۾ نه اچي] پوشيدو – غائب – ڳجهو – لڪل – مخفي. اڻ ڏٺل.

ـ **اُدْرُشْتَ:** ذ. [سن. اُدْرُشْتَ] اڻ ڏٺل (اتفاقي) خطرو.

ـ **اُدْرُشْتا:** ٿ. نه ڏسڻ جي حالت – اڻ ڏٺائي.

• **اُدرَڪ (ٿ)، اُدرَڪ (ذ):** [سن. اَرْدْرَكَ] سائي تازي يا آلي سُنڊ.

• **ادرڪي:** ٿ. هڪ تسر جي مٺائي.

• **اِدرگدس ادڙگدڙ:** صفت. اڌگيدو يا بيڪاري (ڪم). مٽاچرو. ترڪ تال.

ـ **اِدرگدس ادڙ گدڙ ڪرڻ:** ڪوبه ڪم مٽاچرو يا اڌ گيدو ڪرڻ. ترڪ تال ڪرڻ.

• **اَدرُونَاڻ(ث)**: صفت. سلامي، وارو – لاهه وارو.
• **اِدْرِيْسُ**: اسم خاص. [ع. اِدْرِيْسُ = پڑهيل کيڙيل < دَرَسَ = هو پڑهيو] هڪ نبي سڳوري جو نالو (جنهن جي جدا جدا روايتن موجب 360 سال دنيوي عمر هئي. قلم سان لکڻ ۽ ڪپڙا سبي پهرڻ جو رواج هن کان ئي شروع ٿيو. سرياني زبان ۾ سندس نالو "اَخْنُوخ").
• **اَدْرِيْكو ج اَدْرِيْكا (ث)**: ذ. اَدڪو – خيال – ڳڻتي.
• **اِدعا**: ث. [ع. اِدعاء = ڪوڙي دعوا ڪرڻ] ڪوڙي چڪتائ. ڪوڙي دعوا. تقاضا – حق.
• **اَدْعِيَه**: ث. [ع. دُعاء ج اَدْعِيَه] دعائون – آسيسون.
• **اِدْغَامُ**: ذ. [ع. اِدْغَامُ = لڳام چاڙهڻ] ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي متجانس يا هم مخرج حرف سان ڳڏي شدّ ڏيئي پڑهڻ "مَدْدَتَ > مَدَّتَ؛ اِدْتَخَارَ > اِدَّخَارَ = يا اِدْخَارَ وغيره". (سنسڪرت ۾ ان کي "سَنْدِي" چئبو آهي).
• **اِدْغَامُ ۾ اِعْرَابُ**: محاورو. ادغام ۾ بن حرفن جي ڪا حڻ وانگر عاشق معشوق جو هڪٻئي جي قرب ۾ فنا ٿي يڪذات ٿي وڃڻ "ڪثرت آهي قرب ۾. ادغام ۾ اعراب" (شاهه).
• **اَدَقّ**: صفت [ع. "دقيق" جو اسم تفضيل] وڌيڪ دقيق يا باريڪ. زور ڏيڪيو – وڌيڪ اَڇڪو.
• **اَدْگَارُ ج اَدْگَارَ**: ذ. [سن. اَدْگَارَ < اَدْگَرِيْ = اوڪڻ. اُلٽي ڪرڻ. ٽوڪڻ. دم باهر ڪڍڻ. گلي مان آواز ڪڍڻ] اُلٽي – قي. ٽڪ – قيئي. وري وري گاڙهه ڪرڻ. سُون سُون. نڙيءَ جو آواز – گروڙ.
• **اِدْگَائِيْ**: غافل ٿيڻ – موڪائي ڏيڪارڻ.
• **اَدْگَدَ (ث)**: ذ. چڙچڙ. جريو – بي سمجهه.
• **اَدْگَنُ ج اَدْگَنَ (لس)**: ذ. هَرڻ.
• **اَدْگُو ج اَدْگَا (لس)**: ذ. اَدَمو. جهڙپ – سٽ.
• **اَدَلَ ج اَدَلَ**: ذ. ادو – پاڙ.
• **اَدْلَائِيْ ج اَدلايون (ل)**: ث. [اَدلائي < عَدْلائي ج عَدْلايون] خوشي – موج "ٿو عمر ادلايون ڪريين چڙهيو مٿي ڪٺ" (شاهه).
• **اَدْل بَدَل، اَدلي بَدلي**: ث. [سن. اَدَل = زور پراڻيندڙ بي معنيٰ لفظ + ع. بَدَلَ = هن متايو] اُٿل پٿل – بدل سدل – قير گهير – مٽ سٽ.
– **اَدل بَدل ڪرڻ**: بدل سدل ڪرڻ – قير گهير ڪرڻ – متائڻ – متاسٽا ڪرڻ.
– **اَدلو بَدلو**: ذ. اَدل بَدل.
• **اَدلو گَدلو**: ذ. صفت. ميرو سيرو – ڪنو ڪوجهو – گرو گندو. (ث) اَدلي گَدلي.
• **اَدِلَّه**: ذ. [ع. دَلِيْلُ ج اَدِلَّة] دليل – حجتون (اسلامي فقه جا چار سرچشما ۱ – قرآن مجيد ۲ – حديث شريف ۳ – اِجماع ع ٤ – قياس).
• **اَدلي ڏَلي**: ظرف. بي انداز – تمام گهڻو – ريل چيل.
• **اَدَمُ**: ذ. [سن. اَدْيَمْ] اورچائي – جدوجهد – سرجوشي – سعيو – ڪوشش – محنت. همت.
– **اَدمائتو**: ظرف. اَدَم سان – سعيي سان – ڪوشش سان.
– **اَدمي ج اَدمي**: ذ. صفت. اَدم وارو – سرجوشي – سرگرم – ڪوشش ڪندڙ – محنتي – همت وارو.
• **اِدْمَاجُ**: ذ. [ع] ويڑهڻ (ڪاب شيءِ ڪپڙي ۾). علم بديع جي هڪ اصطلاح موجب بيت ۾ هڪ خيال اندر بيو خيال داخل ڪرڻ. مثلاً "رات ڦرڙايم اکيون آسمان ۾. تان ڳڻيان ڏکڙا زماني جا گهٽا" (يعني، يار جي فراق ۾ تارا پئي ڳڻيم. ۽ انهيءَ خيال جي اندر زماني جي ڏکن جو شمار پئي ڪيم).
• **اَدْماد، اَدْمائڊ**: ث. [سن. اَنْمادَ = جرياڻي] آند مائڊ – اَڻ ٽڻ – بي آرامي – بي چيني – بي قراري – چنتا – ڳڻتي.
• **اَدْمَبَرُ**: ذ. [سن. اَدَمْبَرَ] هڪ قسم جو انجير جو وڻ. برهمڻن جو هڪ فرقو. ڪوڙهه جو هڪ قسم. چانئٽ. ڪدڙو.
• **اَدْنيٰ**: صفت [ع. "دَنِي" جو تفضيل] حقير – خسيس – ڪمين جهڙو – گهٽ – معمولي – نيچ. گهٽ درجي وارو. ذليل – رڌل – ڪميڻو. "اعليٰ" جو ضد.
– **اَدنائي**: ث. ڪميڻپ – گهٽتائي – هيناهين – ذلت – حقارت.
– **اَدنيٰ ڪالهه هُنُ**: خسيس ڪم هڻڻ – رواجي ڪالهه هڻڻ. معمولي ڪالهه هڻڻ.
– **اَدنيٰ ۽ اَعليٰ**: ذ. نيچ ۽ اوچ درجي جا ماڻهو.
• **اَدو ج اَدا**: ذ. پاڙ (ث) اَدي ج اَديُون.
• **اَدْوَارُ**: ذ. [ع. دَوْرُ ج اَدْوَار] ڦيرا – چڪر. زمانا – عرصا.
• **اَدوٽ، اَدْيوت**: صفت. [سن. اَ = نہ + دْيُت = جوت. روشنائي. يعني روشنائي ڪان سواءِ] اونداهو. بي نور.
• **اَدْورائي ج اَدورايُون**: ث. [سن. اَدَوْدَنَ] دانهن – رڙ – ريهه – ڪوڪ "ڪير سڪندو تنهنجون. آدورايون آڄ" (شاهه).
• **اَدورو ج اَدورا**: ذ. صفت. ندورو – نياڳر – اَپاڳر – ڪمبخت – بدنصيب – چنڊو. "ندورو" جو ضد.
• **اَدورائي ج اَدورايُون**: ث. نياڳ – ڪمبختي بدبختي – اِدْبار – ندورائي – اَپاڳائي – چنڊائي.
• **اَدوش ج اَدوش**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دوْش = ڏوهه] بي قصور – بي ڏوهه – بي گناهه – معصوم – نردوش.

• **اَدولٹي ج اَدولٹيون** (ث): بنا ڪڙيءَ زنانيَ جُتي.

• **اَدوهو ج اَدوها**: ذ. [فـ اَندوه] ارمان – ڏک – غم "پسيو آسڙ اَن جا اَدوها اچن" (شاه).

• **اَدويه**: ث. [ع. دَواء ج اَدوِيَة] دوائون.

• **اَدوَيْت**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دْوَيتَ = دُوئي، بيائي = بيائيءَ کان پاڪ] هيڪرو – يگانو. بي مثل – بي نظير. يگانو يا هيڪرو (خداتعاليٰ).

• **اَدَهَ**: ذ. [ع. اداء = پورو ڪرڻ] ادائگي. پُورائي. نبيرو.

– **اَدَهَ ڪرڻ**: ڪنهن ڳالهه يا معاملي کي نبيري پورو ڪرڻ – فيصلو ڪري ختم ڪرڻ.

• **اَدْهَمُ**: ذ. [ع] ڪارو گهوڙو. (اسم خاص) هڪ وڏي صوفي ابراهيم جي پيءُ جو نالو.

• **اَدِي**: صفت. [سن. ١ اَدي – اَدَيَ (اَدْ = مٽي + اِ = وجڻ) = مٽي چڙهڻ؛ ٢. اَد – اَدْيا = اَپرڻ] اپرندڙ (گرد يا سڄ). مٽي چڙهندڙ (سڄ. گرهه. ڪڪر وغيره). اَپرندي وارو جبل (جنهن جي ڀڻيان جٿبو آهي ته سڄ اَپري ٿو). ٽيڄ – روشنائي.

• **اَدِي ٿيڻ**: اَپرڻ – مٽي چڙهڻ (سڄ).

• **اَدِي ج اَدِيُون**: ث. [سن. اَت = وڏي پيٽ] پيٽ. جيڏي – ساهيڙي – سرتي.

– **اَدِي ٻڍي**: ث. بيوقوف عورت.

• **اَدِي ج اَدِيوُن** (ث): ث. شڪار ڪرڻ لاءِ لڪي وهڻ جي جاءِ – ڪڏڻ.

• **اَدْيان**: ذ. [ع. دِيْن ج اَدْيان] دين – مذهب.

• **اَدْيانِي**: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. رُستمانين جو هڪ پاڙو.

• **اَدِيبُ ج اَدِيبَ**: ذ. [ع. اَدِيبُ ج اَدَباء] علم ادب جو ماهر ۽ استاد. سُهڻي لکيت سان دلچسپي رکندڙ. ادب وارو – خوش خلق – شريف نيڪ سيرت.

• **اَديسُ اَديشُ**: ذ. [سن. اَ = نہ + ديشَ = مُلڪ] پرديس – ڏاريو ملڪ – غير ملڪ.

• **اَديشُ ج اَديش**: ذ. [سن. اَدِيش (اَدْ = مٽي + دِش = پيڪارڻ) طرف ڏيڪارڻ. طرف ڏي اشارو ڪرڻ. اعلان ڪرڻ. تعيّن ڪرڻ. وصف ڪرڻ. اڳڪٿي ڪرڻ. سمجهائڻ. سيکارڻ] طرف ڏي اشارو. طرف. رهنمائي – سونهب. سمجهائي – مختصر بيان. تَسْميت (ڪنهن به شيءِ جو نالو ڏيڻ). تعيين – تمثيل. شرط. وهنوار. مقرر جاءِ – طرف – هنڌ. مراد. وٽي.

• **اَديمُ**: ذ. [ع] يمن ۾ نهندڙ خوشبودار چمڙو. ادرڪ.

• **اَدْوِيگ**: ذ. [سن. اَدْوِيگ < اَدْوَجَ = وڃڻ. ڏکڻ. ڪنڌ. جوش ۾ اچڻ. غمگين ٿيڻ] قاصد – ريهارو. دَب – ڏکڻي. جوش. ڳڻتي. غم. (صفت) ڏڪي ڏيل – سيتل – محڪم.

– **اَدْيوگ**: ذ. [سن. اَدْ = مٽي + يُجْ = لڳائڻ = جوش ۾ آڻڻ. چالاڪ ڪرڻ. همتائڻ] اورچائي – جدوجهد – جفاڪشي – سرجوشي – لڳاتار ڪوشش. تياري.

– **اَدْيوگي**: ذ. صفت. اورچ – جفاڪش – ڪوشش – ولندڙ – محنتي. چالاڪ – ڦُرت.

– **اَڏَ**: ث. ٻيڙيءَ جو مٿيون ڪني وارو اَڌ پاسو – ڳڙهه (ٻيڙيءَ جي). (صفت) گهٽ. (ظرف) هيٺ – هيٺان.

– **اَڏَ ج اَڏَ**: ذ. صفت. [سن. اَرْدَ = اَڏَ] ڪنهن شيءِ جي ٻن پورن حصن مان هڪڙو حصو – اَڌوڻ – نصف – نيم "ڏلوڏور درياءَ جي، ڪيو ارادي اَڏَ" (شاهه).

– **اَڏ اَڪري**: ث. لاڪنائن يا ماتراٽن (حرڪات) بغير اڪرن واري تحرير. وڏي لفظ جي ننڍي شڪل.

– **اَڏ اِنچي گرمٽ**: ث. اڌ انچ گول سوراخ ڪيڻ جي سيراهي.

• **اڌ بُکيو**: ذ. صفت. نہ ڀاول نہ بُکيو. هينئن جهل جيترو کاڌو کاڌل.

– **اَڏ ٻڌرو (ل)**: ذ. صفت. ضعيفہ محتاج.

– **اَڏ پائيوار**: ذ.صفت اهو پائيوار جو اڌ حصي جو مالڪ هجي.

– **اَڏَري (ث)**: ث. موجين جي اصطلاح ۾ جُتيءَ جي تَري ۾ لڳندڙ چمڙي جو اڌ تر.

• **اڌ ٿي نہ پڇيو**: ڪاب سار سنيال نہ لهڻ. خبر گيري نہ رکڻ. نظر انداز ڪرڻ. ڪاب مالي مدد نہ ڪرڻ.

– **اڌ ٿيڻ**: ب. ٽڪر ٽيڻ. ڏکر ڏکر ٽيڻ. پڇڻ. مري وڃڻ "شل اَڌ ٽئين" (پاراتي طور ڪر ايندڙ محاورو).

– **اَڏ ڦاڙ**: ذ. ڦاڙ جو اَڏ. تور جو هڪ وٽ – سير جو اڌون حصو.

– **اَڏ ڦٽيارُ**: ذ. صفت. اڌ پائيوار. اڌ حصي جو مالڪ – اَڌ شريڪ.

• **اڌ ڇيو**: ذ. ٽورو وڃڻ – ٽوري ڳالهه.

– **اَڏ ڇٽو**: ذ. صفت. اڌ ڇتل – نيم تندرست.

– **اَڏ ڪچو**: ذ. صفت. پورو نہ پڪل. نيم پختہ.

– **اَڏ ڪَني**: ث. گهر اڳيان اڌيل مَنهي. ننڍو ڇڄو.

– **اَڏ ڪورو**: ذ. اهو پار جنهن جو پيءُ مري ويو هجي ۽ ماءُ جيئري هجي "پيءُ مئي اڌ ڪورو ماءُ مئي سڄو ڪورو".

– **اَڏ ڏَمَ**: ذ. اڌ ساهه. لکڻ ۾ بيهڪ جي هڪ نشاني (،).

– **اَڏ ڏَرَ**: ذ. سٽ جي طاق جو اَڌ. ڪيس جو اڌ.

– **اڌ ڏَرَ ۾ ٻڌل**: آساني ۽ سان قبضي ۾ آڻڻ. قابو ٻڌل.

• **اڌ ڏاڙا ٻُک**: محاورو. ايترو ڇوٽو جنهن مان نہ هوند نہ شڪر.

– **اَڏ رات**: ث. آڌي رات – نيم شب.

– **اڌ رات منجهه رات**: ظرف. گاهه بيگاهه. هر وقت

• اڏرڏو: صفت. اڻ پڪل – ڪچو (ڪاڏو).

ـ اُڏ رَنگ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم – ارڏنگ (جنهن ۾ بدن اڏ سُڪي پوي).

ـ اُڏ سيرُ: ذ. هڪ سير جو اڏ – ٻه پاءُ. تور جو هڪ وٽ جو سير جي اڏ برابر هجي – هڪ پائوند يا پَوَنَ – رطل.

ـ اُڏ طبيبُ: ذ.صفت. تورتڪائي. نيم طبيب.

ـ اُڏ قَطرُ: ذ. مرڪز ڪان گهيري تائين ليڪ – نيم قُطر.

ـ اُڏ ڪَپَالي: ذ. [سن. اُرْدْ = اڏ + ڪَپَالَ = ڪپال، متو] اڏ مٽي جو سور.

ـ اُڏ ڪجو: ذ. صفت. اڏ رڏو – اڏو گابرو پڪل نيم پخته.

ـ اُڏ ڪرڻ: بن پورن حصن ۾ ورهائڻ – اڏو اڏ ڪرڻ. ڇڻ – ٽڪر ڪرڻ. برزا برزا ڪرڻ – ڇيهون ڇيهون ڪرڻ "اونهي ۾ اڏ ڪيو. دليلن دلو" (شاهه). جدا ڪرڻ – وڇوڙڻ. سخت مار ڏيڻ.

ـ اُڏ ڪرهي: ث. اڏ ڪرهه – هڪ ميل جو مفاصلو.

ـ اُڏ ڪيتو: ذ. اڏ گيدو.

ـ اُڏ ڪِرِ (ث): ث. پٽ جو حصو يا هڪ پاسو "شاه سمند پوڪي ويو. اسان اٽلائي اڏ ڪڙ" (حاصل فقير وساڻپوتو).

• اڏ – ڪڙ (ت): ث. اڏ عمر – اڏ وهي.

ـ اُڏ ڪلي: ث. ڇڇهري – دالان.

ـ اڏ گردو: ذ. صفت. اڏ گيدو ـ اڏو گابرو.

ـ اُڏ گولُ: ذ. گول جو پورو اڏ. جاميٽريءَ موجب گول جو اهو حصو جو گهيري ۽ قطر سان محدود ٿيل هجي.

ـ اُڏ گِيدو: ذ. صفت. اڏ ڪيتو – اڏوگابرو – اڻ پورو – نامڪمل (ڪر).

• اڏ گَالهه: ث. اڏپوري گالهه. ٿورو ڇيڻ.

• اڏ گالهايو: ظرف. ٿوري ڇوڙ سان.

ـ اُڏ گُهٽ، اُڏ گُهِي: ث. [سن. اُرْدْ + گرِيَ = پيٽ] حمل جو پنجون مهينو. حمل جي پنجين مهيني ڪيل سُڃڻ سات ۽ انهيءَ موقعي تي دعوت.

ـ اُڏ لابي: ث. ٻنيءَ يا جاگير جو اڏ حصو.

ـ اُڏ لَکُ: صفت. پنجاه هزار. (ذ) اُڏاڻي جو هڪ اوزار – سوراخدار ٻهڙ يا ڪر جو گولو (جو ڪوزي ڏور ۾ ٻڌي تاڃي جي ڇڪڙيءَ ۾ ڪاني جي مٿان لٽڪائيندا آهن ۽ اُنڪي ڪشي ٻيهي).

ـ اُڏ لَکي: ث. ڇڙي جي ٻني جنهن تي حجام پاڪيءَ کي ماڻ ڏين – مانٽي.

ـ اُڏ لکي ج اُڏ لکِيُون: ث. صفت. اڏ پوريل (اکيون) – اڏ بنديل – نيم خوابي – نيم وا "اڏ لکِيون آهين. آيل آديسين جون" (شاهه).

ـ اُڏ مائو (ڪ): ذ. صفت. اڏ گيدو – اڏو گابرو.

• اڏ مائهو: صفت. بيمار. ضعيف. ڪمزور.

• اڏ مِر: ظرف. اڏپوري حالت ۾ (ڪر). وڃ ٻڌڻ ۾.

ـ اُڏ مڙ: ذ. مڙ جو اڏ – ويهه سير.

ـ اُڏ مُوڙي: ث. اڏ قيمت – اڏ مُلهه. بلڪل گهٽ قيمت.

ـ اُڏ موڙي ۽ تي ڏيڻ: بلڪل ٿوري ملهه تي ڏيڻ. گهٽ قيمت ۾ وڪڻڻ.

ـ اُڏ مُنو ج اُڏ مٹا، اڏ مُوا: ذ. صفت. اڏ مثل – ٽڪل – ماندو – نيم بسمل – نيم جان – نيم مرده ـ هلاڪ.

ـ اُڏ مُئو ٿيڻ: تمام هلاڪ ٿيڻ – ٽڪجي ساڻو ٿيڻ.

ـ اُڏ مُئو ڪرڻ: ڏاڍي مار ڏيڻ – جاگوري جڏڻ.

ـ اُڏ ڪي ڇڏي سڄي ٻڌيان ٻوڙڻ: گهڻي لالچ ۾ منهن وڃهڻ "جيڪو اڏ ڇڏي سڄي ڏي ٻوڙي سو اڏ به وڃائي".

ـ اُڏ گَالهايو ڪر ڪرڻ: ٿوري ڇوڙ تي ڪم ڪرڻ.

• اڏ وات: ث. اڏ رستو – اڏ گس – اڏ پنڌ.

ـ اُڏو اُڏ: صفت. به ٽڪر – پورو اُڏ.

ـ اُڏو اُڏ ڪرڻ: به پاڳا ڪرڻ – بن حصن ۾ ورهائڻ. ڇيري به حصا ڪرڻ. وڃان ڇڏڻ.

ـ اُڏو ٽرو: ذ. سؤ تي اڏ (وياج وغيره) – اڏ سيڪڙو.

ـ اُڏو ٽِتي: ذ. صفت. اڏ پائيوار – اڏ حصيدار.

ـ اُڏوڙاٽو ج اُڏوڙاٽا: ذ. صفت. اڏ پراٽو – اڏ ٻهريل – چنل – ڪٽل. (ث) اڏوراٽو ج اڏوراٽيون.

ـ اُڏُوڙو ج اُڏُورا: ذ. صفت. اڏ جيترو – اڏ گابرو – اڏ گيدو – اُڏيڪو. اڏ ۾ رهيل – اٽپورو – نامڪمل "ساڃن ريءَ سرتيون، ٿيو آٽڻ اڏورو" (شاهه). (ث) اُڏُوري ج اُڏوريُون.

ـ اُڏو ڪارو: ث. اڏو گابرو – اڏ گيدو. اڻ پورو – نامڪمل "اڏو ڪارو ان سين، ڪي ٿورو گاهه ڏيئنس" (شاهه).

ـ اُڏو گابرو ج اُڏو گابرا: ذ. صفت. اڏ جيترو – اڏيڪو – اڻ پورو.

ـ اُڏوٽو ج اُڏوٽا: ذ. صفت. اڏو گابرو.

ـ اُڏِيارُ ج اُڏيار (ل): ذ. صفت. اڏ پائيوار – اڏ پتيار – اڏ حصي جو مالڪ.

ـ اُڏِيارو ج اُڏيارا: ذ. اهو مال جنهن ۾ به جڏا يا به ڏريون پائيوار هجن. (ث) اڏياري ج اڏياريُون.

ـ اُڏيڪو (ڪ): ذ. صفت. ڏس اڏ پريل.

ـ اُڏيڪو ج اُڏيڪا: ذ. صفت. اڏ جيترو – اڏ پريل.

• اُڏا (ث): اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• اُڏاتُورو ج اُڏاتُورا: ذ. صفت. بد عادتيون – ڪُڏاتورو – ڪُلڇٹو.

• اُڏارُ: ذ. [سنْ. اُدْ + ڏارَ] چوٽڪارو – موڪ – نيتارو – آجائي – آزادي – رهائي – مڪتي – نجات.

• اُڏارڻُ: مصدر. [سن. اُدْ + ڏارَ] اوڌر ڪٽڻ – اُڏارو ونڻ – قرض

کٹڻ "مُون اُدارِيا مچڑا، اَلا گهاتو آڻ" (شاه). بچائڻ – نجات ڏيڻ – نيتارو ڪرڻ. تارڻ. جاڙهڻ – مٽي ڪٽڻ.

ـ **اُدارَ ج اُدارُون:** ث. اوڌر تي ڪنيل بنا وياج قرض – عاريت – قرض حَسنه ـ ڪٽت.

ـ **اُدارَ ڪرڻ:** اوڌر ڏيڻ – قرض ڏيڻ – ڪٽت ڪٽائڻ.

ـ **اُدارو ج اُدارا:** ذ. صفت. اوڌر يا قرض تي ورتل "اسان اُدارا، آڻي آونگ جاڙهيا" (شاه).

ـ **اُدارو ڏيڻ:** عاريت ڏيڻ – قرض طور ڏيڻ.

ـ **اُدارو وٺڻ:** قرض وٺڻ – عاريت وٺڻ.

ـ **اُداري بهاڻي وٺڻ:** قرض طور وٺڻ – عاريةً وٺڻ. ٹوري وقت لاءِ وٺڻ.

• **اُداري ج اُداري (ل):** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ذاري = ڪٽندڙ] اهو وهت جو ايڏا تائين وهو نہ ٹيو هجي – اَڻ وَهو – جَڙ.

• **اُدامُ ج اُدامَ:** ذ. [سن. اُدْ – دْمانَ = جُلهي، ڪُل، منگل] اُدامو – پَوڙ – ريجَڪ. باه – جوش (اندر جو) "باه پڙڪي برهه جي، دل تي اُٿيا ڏاڏا اُدامَ" (مفتون).

• **اُداهڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ – دْما = ڦوڪارو ڏيڻ، ڦوڪ ڏيڻ، سهڪڻ، بگل باجو وڄائي اعلان ڪرڻ] اُياماڻ – اُدما ڏيڻ – جوش ڪرڻ. [سن. ا. اُدْ – دا = مٽي وڃڻ يا چڙهڻ (جيئن سج يا غبار) ڪڙو ڪرڻ. مٽي ڪٽڻ. مٽي وڃڻ] اُداماڻ – اُڏري وڃڻ – مٽي چڙهڻ "آڏيءَ اُداٿا، سرتيون سڪ ميهار جا" (شاه). سورن جو اُپرڻ – سورن جو پڙڪو ڪائي باهر نڪرڻ.

• **اُداڻ:** ث. [سن. اُدْدَنْ = مٽي جاڙهڻ] اُوبر – اوپڙ (پوٽن، سُٽن وغيره جو). اوڌاڻ. دَرَ. رَڻي. مٽي وغيره جا مٽي چڙهي اُڏامندي هجي. غبار.

ـ **اُداڻو:** مصدر "اُدڻ" مان ماضي. اُپريو – اُڏيو – جاڳيو. مٽي چڙهي ويو. هليو ويو "آڏيءَ اُداڻو، هنيڙو مون هٽن مان" (شاه).

ـ **اُداڻي ج اُداڻيُون:** ث. غبار لهي وڃڻ وقت آسمان جي صفائي. "اوڌاڻو" جو مونٿ اُپري. جاڳي – مٽي چڙهي "اندر آگ عشق جي، اپر اُداڻي" (شاه).

• **اُداڻِڻُ:** مصدر "اُدڻ" مان متعدي بالواسطه. [سن. اُدْ – دا = مٽي وڃڻ يا چڙهڻ (سج يا غبار دَر وغيره)] ڪنهن شيءِ کي چندي صاف ڪرڻ – مٽي ڪيڻ. واڙ ڪرڻ (ان جي) – واڙي صاف ڪرڻ.

• **اُداڻُون:** ذ. اُداڻون – ربيع جي فصل کان پوءِ خريف جي فصل کان اڳ واري پوک.

• **اُڏ ٻيجَ ڪرڻي:** ث. [سن. اُدْبِجْ] نباتات – ونسپتي – وڻ ٽڻ.

• **اُڏ ٻُڌ:** صفت. [سن. اُدْبُدَ] جنهن جهڙو اڳي ڪڏهن بہ ڏٺو نہ ويو هجي. تپرس پر وجهندڙ – حيرت انگيز – عجيب، ڪجهو – لکل – نهان – مخفي.

• **اُڏِڇي (لس):** ث. گڄ جي پرت جو هڪ نمونو.

• **اُڏَرَ ج اُڏَرُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ڏَرَ = ٽيڪ] بنا آڌار – بنا ٽيڪ – بي جهلو – بي مدد – بي واهه – بي وس – بي وسيلو – لاچار – ويچارو – هيڻو. (ث. اُڏ) "اُڏر نڈر اپري، اَسونهين آهيان" (شاه). (ذ). [سن. اُدَرَ = هيڻيون ڇَپَ] ڇَپ "اُڏَرَ عجب عجيبن جا، جي خوشيءَ مان ڪولي" (بودو).

• **اُڏرائڻُ (ث):** مصدر. اُڏائڻ. اتو جنڊ جي تانئر مان نائي سان ڪيڏي ڪنهن تان پر وجهڻ.

• **اُڏ رائڻُ (ث):** مصدر. پڇائڻ (بانهن).

• **اُڏَرُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + دَرْمَ = انصاف، دين] لادينيت – دَهريَت، باب – گناهه – اَنياءَ – بي انصافي – ظلم.

ـ **اُڏَرمائي:** ث. بي ديني – ناراستي. انيائي – ڪُنيائي – ناخدا ترسي. ظلم.

ـ **اُڏَرمي:** صفت. ڏرم تي نہ هلندڙ – ڏرم کان ڦريل. انيا چاري – بي انصاف – ظالم.

• **اُڏَرنگ:** ذ. [سن. اَرْڏ = اَڏ + اَنگ = بدن، عضوو] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ بدن جو هڪ پاسو سُڪي پوي) – ارڌانگ – فالج – لقوو.

• **اُڏَرنگي ج اُڏَرنگي:** صفت. اڏرنگ جي بيماريءَ ۾ ورتل – ارڌانگي – مفلوج.

• **اُڏرڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ – دَرَڻَ] بچائڻ – چٽائڻ – نجات ڏيڻ. اُڏرڻُ – پاڙ پٽڻ – پٽي ڪيڻ. اُڪلي وڃڻ. پٽجي وڃڻ (وڻ ٽڻ). پکيڙڻ. جاڙهڻ – مٽي ڪٽڻ. ناس ڪرڻ. قيءَ ڪرڻ. قرض لاهڻ. چڏي وڃڻ. ٽڙي پکڙي وڃڻ – لڏي وڃڻ (ل). پَڇڻ (ڪنهن عورت جو) – پڇي وڃڻ (ث). (ذ) آخرين نجات – چوٽڪارو – موڪ. قيءَ ڪڍيل ڪاڏو.

ـ **اُڏري:** ث. صفت. [سن. اُدْ – دْرِيَتَ = پاڙڻون پٽيل، جدا ٿيل: اُدْدَرَ = پانجاريءَ کان نڪتل، آزاد. چڙواڳ] ڏريئون ڏار ٽيل – ننگ کان نڪتل (عورت). چڙواڳ – رول. بي شرم – بي لجي "اُڏريءَ عقل چڏيو. نٽيءَ شرم ناه" (خواجه محمد زمان). اُپهري – هلڪڙي (دل جي).

ـ **اُڏريل:** صفت. نڪتل (ننگ يا شرم کان). وڏي وڻ ٽيل.

ـ **اُڏري وڃڻ:** اُٿي وڃڻ. جدا ٿيڻ. چڙواڳ ٿيڻ. خراب ٿيڻ. لڏي وڃڻ.

• **اُڏَرَ ج اُڏَرُ:** ذ. [سن. اَرْڏ = اڏ] ڪنهن بہ شيءِ جو اڌ حصو. سُڪل ڏرنڪي يا ڪارڪ يا هليلي جو اَڏ. سوپاريءَ جو اَڏ.

• **اُڏرَاڪ (ث):** ث. سخت صدمو. ڪاپاري ڏَڪ ڏياڻ. شڪست. ظلم.

• **اُڏرَاڪُ (ث):** ذ. اوجتو ٽپو – ٻڏو ٽپو – چال.

• **اَڈڑ ڈمي:** ث. دباءُ – زبردستي – زور، گوڙ – گهمسان. بنا ويچار جي ڪر. فساد.

• **اَڈڑڻ:** مصدر. [سن. اُڈ – ڏَرَڻ] اُڏرڻ. اڪلي پوڻ – تاڪا ٽٽي پوڻ. پنجي پوڻ.

• **اَڈڑوٽ ج اَڈڑوٽ:** ذ. صفت. اڏ وهيءُ وارو – جوانيءَ ڪان موتيل – ڪُرڙوءِ – نہ جوان نہ پوڙهو.

• **اَڈَڙونجھ:** ث. [ملتاني] اڏو ٻنڊ – اها چادر جنهن جو اڏ چيلهه ڪان هيٺ ڏيڪجيءِ اڏ مٿي تي ڪجي.

• **اَڈڑي ج اَڈڑيون:** ث. [سن. اَڑڈَ = اڏ] ڏمڙيءَ جو اڏ. اڏ ايڪڙ زمين. اڏ گز جي ڪاٺي. گيهه جي ڏَهي (جنهن ۾ چار سير ڪن گيهه پوي). پرت جو هڪ نمونو.

• **اَڈڑيل:** ث. پڇائي آندل زال. ڏاري زال.

• **اَڈڑيو:** ذ. [سن. اَڑڈَ = اڏ + ڙيو = وارو] اڏ ڳوڙ – ڳوڙ جو اڏ.

• **اَڈَڪ:** ذ. [سن. اَدِڪَ = وڌيڪ] وڌيڪ مهينو – پرشوتم مهينو – ڏرماٿو مهينو – لُنڌ. وڌيڪ مهينو (جو سڏَ ۾ هر ٽئين ڏيهي سال ڪي شمسي سال سان ملائڻ لاءِ "آڪاڙ" ۽ "ساون" مهينن جي وچ ۾ ڳڏيندا آهن).

• **اَڈِڪ:** ز. صفت. اَڌيڪو – اٽڪل اڏ جيترو اڏ ڪن.

• **اَڈڪا:** وڌيڪ، زياده.

• **اَڈِڪار:** ز. [سن. آدِي = مٿان + ڪُر = ڪرڻ] اختياري – حق – عهدو. قبضو. لياقت. حڪومت. طاقت. شان – مرتبو. انتظام.

– **اَڈِڪاري:** ذ. صفت. اختياريءَ وارو. حقدار. عهديدار. لائق. مختار.

• **اَڈِڪائڻ:** مصدر. [سن. اَدِڪ = واڌو] زياده ڪرڻ. وڌائڻ.

– **اَڈِڪائي:** ث. جهجهائي – گهٻائي – وراڻ.

• **اَڈِڪڻ:** مصدر. [سن. اُرْدْ – ڏَگ] ڏمڪشيءَ يا ايساهيءَ ۾ رنجڻ. تپجڻ. پاسي جي سُور ۾ رنجڻ.

• **اڈڪڻ:** مصدر. اڏمڻ. اڏما ڏيڻ. ابڙڪڻ.

• **اَڈِڪ:** ث. آپ ساهي – دم ڪشي. ساه جي گهُٽ. ڏکيو ساهه. مٿي جو سور.

– **اَڈِڪيو:** ذ. ڏمڪشيءَ ۾ رڻ. اهو بيمار جنهن کي پاسريءَ ۾ سُور ۽ تپ هجي.

– **اَڈِڪو (ل):** ذ. اڏمو. جوش. جذبو.

– **اَڈِڪو ڪائڻ:** مصدر. اڏمو ڪائڻ. پاڻيءَ جو زور سان تپ ڪائي وهڻ.

• **اَڈڪوٽ:** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **اَڈڪي ج اَڈڪيُون:** ث. ٽپ سان گڏ پاسي جي سُوز جي بيماري – ذات الجنب.

• **اَڈِڪيُون جاڳڻ:** اڏما اٿڻ. سُور جون سُوٽون اُپرڻ.

• **اَڈَل:** صفت. [سن. اُرْدَنَ] اُسريل – ساماڻل. وڏيل.

– **اَڈَلُ سامائل:** صفت. بالغ – بلوغت کي رسيل.

• **اَڈَمُ ج اَڈَمَ:** ذ. صفت. [سن. اَدَمَ] خسيس – ڪميڻو. گهٽ – نيچ.

– **اَڈَم اَڈاڙ:** ذ. صفت. ٿورو بچائيندڙ. نيڇن کي تارڻ وارو (ڏٺي تعالىٰ) "اَڈَم اُڏارڻ تون ڏٺي، پاپي تارڻ هارُ".

• **اَڈمُ ج اَڈَمَ:** ذ. [سن. اَدَمَ] شور – غلغلو – غوغاءُ – گوڙ – هُل – هنگامو.

– **اَڈَمي ج اَڈَمي:** ذ. صفت. گوڙ ڪندڙ – هُل ڪيڙو ڪندڙ.

• **اڈمَاٽ:** ذ. جوش – جذبو. ڏسو "اڏماڻ".

• **اَڈماڻ، اُڈماڻ:** ث. [سن. اُدْڏماي = ساهه جي مونجهه] اُهماڻي – بيقراري – گهبراهٽ. فڪر – ڳڻتي. جذبو – جوش.

• **اَڈماڻڻ:** مصدر. اوپارڻ – جوش ڏيارڻ.

• **اَڈَمڻ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + دْما = ڦوڪڻ. ڏَنوڻ] اُپامڻ – اُپرڻ – اوچتو اُتين ٽپڻ – بڙڪو ڪائي باهر نڪرڻ – پلٽجڻ – ريلو ڏيڻ "آڏيءَ رات اُڏميو، ڏين پلٽا پور" (شاهه).

• **اڈڻ:** مصدر. اڏما ڪائڻ. جوش ڪرڻ. رکي رکي پڙڪو ڪائڻ. اچل سان مٿي ٽپڻ (پاڻي) "اُمل اوڙاهين هيڪڙو، اِي اڈمئو آهه" (لطف ا قادري)، اتارڻ (اٽ) – پلاڻڻ (لس) "آڏيءَ ڏاري ات اڏمياڻون، راڳ وٺي ور واري هئي" (شيخ ابراهيم) (اڏميو – اڏميل).

• **اَڈمو ج اَڈما:** ذ. [سن. اُدْڏما] اُپڙڪو – پڙڪو – جوش. امنگ – پُور – جذبو. جُوجڪي – ريجهه – اَچَلَ – سَتَ "سور نہ ساڳاهين، ڏين اڏما اوچتا" (شاهه).

– **اَڈما ڪائڻ:** پُور پوڻ – جُوجڪيون اچڻ. جوش ڪائڻ.

• **اَڈن:** صفت. [سن. اَڏَني < اَ = نہ + ڏَنْ = ڏَنُ] غريب – ڪنگال.

• **اَڈَنالي:** ث. ڪام جي جهلڻ لاءِ ضامن تي رکيل يا پت ۾ ڪنل ڪاٺيءَ جو ٽڪر، پکيءَ جي وهڻ لاءِ ڪنل ڪاٺي.

• **اَڈَنگي:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جنهن جو اڏ بدن سُڪي پوي – اڏ رنگي – مفلوج.

• **اَڈَنْدو ج اَڈَندا (ل):** ذ. افواه – ڪوڙي خبر. (ث) اَڏَندي.

– **اَڈَندي وائي ڪن ۾ پهچڻ:** ڪوڙي خبر پڌڻ.

• **اڈنو ج اڈنا (لس):** ذ. صفت. زوراور – ارڏو. دادلو.

• **اَڈَهْ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + ڏَنْ = جڙهڻ] اُپرڻ – اُڏمڻ – پڙڪو ڏيئي باهر نڪرڻ – وڏن نڪري نروار ٽپڻ. پڇي وهڻ (عورت جو) – اُڏرڻ. واڙڻ – انَ صاف ڪرڻ (گاڏڙي يا ڇج سان).

• **اڈڻ:** مصدر. وڏن – اسرڻ.

ـ **اَڏي ٻيهڻ:** نڪري ٻيهڻ.

• **اَڏَو:** ذ. [سن. ١. اَڏو = زنانو عضوو، ٢. اَڏي = ٻُڌڻ] ٻيڙيءَ جي کوهي کي جهلڻ لاءِ اُکيڙيءَ جهڙي ڪاٺي.

• **اَڏو ج اَڏا:** ذ. صفت. [سن. اَدْدا = مٿي چڙهڻ] اُسريل ـ چڙهيل ـ وڌيل. اُکو ـ بنا ڳڇ (جو مٿان ئي ڪجي وڃي) ـ مُنو. هڪ ئي واري ـ يڪ مشت. (اسم خاص) مرد جو نالو.

ـ **اَڏو اُکو:** ظرف. يڪ ڏڙڪ ـ يڪ مشت.

ـ **اَڏو ساماڻو:** ذ. صفت. لاٽ ٽيل ـ ساماڻل ـ بالغ. جوان. (ث) اَڏي ساماڻي ج اَڏيون ساماڻيون.

• **اَڏو ٻَڏ، اَڏو ٻَڏُ:** ذ. [سن. اَرْدَ = اَڏ + بَنْدَنَ = بڌڻ] جيلهه تان ورائي ڳڇيءَ ۾ ٻڌل چادر "اوڍڻ اڏو ٻڌ جو، سڀيو ڪين سنگهار"

• **اَڏوهر:** ث. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ ۽ پاڙ جي وچ وارو هنڌ. لاهي ـ ليٽ ـ نشيب ـ نوڙ (ڪ).

ـ **اَڏو پير ۾ اَچڻ:** مشڪل ۾ ڦاسڻ ـ تڪليف ۾ اچڻ.

• **اَڏوهرو (ت):** ذ. ڳچ ڪي لسي ڪڍڻ لاءِ لوهه جو ٽڪر.

• **اَڏوڙ:** ث. ڪپڙي جو هڪ قسم. هڪ قسم جو عمدو سوتي ڪپڙو.

• **اَڏوڻو:** صفت. [سن. اَ = نہ + ڏوڻو < مصدر ڏوڙڻ] اڻ ڏوڻل ـ پليد ـ ميرو ـ ناپاڪ (ت) اَڏوڻي ج اَڏوڻيون "ساهڙ ڏاران سهڻي، اڏوڻي آهي" (شاهه).

• **اَڏوڻ (ڪ):** ذ. ڦيرو ـ موڙ ـ واپسي "اُجهيو ڏين ارواح، اڏ ۾ اڏوڻ" (احمد ملاح). اڏڙوڻ ـ پوڙهو ـ ڪرڙو.

• **اَڏوڻِ، اَڏوڻي:** ث. [سن. اَرْدَ = اڏ + ڏَرِيَ = لاڙو وهڻ] ڳٽون. مينهن. رڍ. ٻڪريءَ يا اٺ جي ڪَلَ. [ملتاني] اڏواڙ.

• **اَڏوڪ ج اَڏوڪن (ل):** ث. ڪوب. ورڌ ٽڪر.

• **اَڏوڪُ ج اَڏوڪ (ڪ):** ذ. جبل جي پاسي جو اَڌ. جبل جي چوٽيءَ ۽ پاڙ جي وچ وارو هنڌ. اَڏوپر.

• **اَڏوڪو ج اَڏوڪا (ڪ):** ذ. صفت. اَڏو ـ پاسي پر ـ پاسيرو.

• **اَڏومَ ج اَڏومَ (ل):** صفت. ظرف. اڻ ڳڻيو ـ بي انداز ـ بي شمار.

• **اَڏومَڪ:** صفت. [سن. اَدْش = هيٺ + مُک = مُنهن] (تپسيا ۾) ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندڙ. مراقبي ۾ ويٺل. سرنگون. شرم ۾ ٻڏل.

• **اَڏو وَڏو (ت):** ذ. اُها زمين جا سنئين نہ هجي ـ ناهموار زمين.

• **اِڏوڻي ج اِڏوين (ث):** ث. اَڏوهي (ڪاٺ ڪائيندڙ جيت).

• **اَڏهڻ (ت):** مصدر. اَڏڻ. اصلوڪي جاءِ ڇڏڻ ـ مٽي ڪجي پوڻ.

• **اَڏي:** صفت. ظرف. [سن. اَدَ = مٿان] اُچو ـ مٿاهون ـ وڏو. سرسري ـ مٿان مٿان. اَڏ (ث). (ث) اڏ دمڑي (هڪ ننڍو سڪو). اَڏ ٽاڻ (ڪپڙي جو).

• **اڏيا:** ذ. [سن. اڏيا] ڪتاب. باب ـ فصل. مضمون. عنوان.

• **اَڏي راج:** ذ. راجائن جي مٿان (راجا) ـ مهاراجا ـ وڏو راجا.

• **اَڏي ج اَڏيون:** ث. [سن. اَدْڏا = مٽي چڙهڻ] زيادتي ـ واڌ ـ وڌڪ. فائدو ـ لاڀ ـ نفعو. واڌارو.

• **اَڏي ڪڍي:** ث. گهاٽو واڌو ـ نفعو نقصان ـ واڌ ڪوٽ.

• **اَڏي ڪٽي ۽ گڏ هڻي:** نفعي نقصان ۾ شامل هڻي. هر حالت ۾ شريڪ هڻي.

• **اَڏيچا (ٿ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَڏيو اَڏيڙ ج اَڏيڙون، اَڏيڑون:** ث. ڪاڻيءَ جي ڏُکي ڇپر جا ٻيڙيءَ جي ٻنهي پاسن وارن تختن جي وچ ۾ لڳائي وڃي.

• **اَڏيڙ ج اَڏيڑ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ڏِير = ڏيرج. صبر] اُڀهرو ـ اڻ پختو ـ بي صبر ـ تڪڙو. پاڻ ۾ اعتبار نہ رکندڙ ـ پورائو ـ ڦُرٽو گهرٽو ـ چنچل سياڻ وارو. جهيڙاڪار. اياڻو. منجهيل.

• **اَڏيڙڻا:** ث. اُبهرائي ـ بي صبري ـ هوڙائي. مونجهه. اياڻپ.

ـ **اَڏيڙُج:** ث. اڻ پختائي ـ بي صبري. مونجهه. (صفت) اڻ پختو ـ چنچل. ڏڦٽو ـ لچڪٽو.

• **اَڏيڙ:** صفت. [سن. اَرْدَ] اڌ عمر جي ـ جواني ۽ ڪان هٿيل ـ وهي ۽ ڪان موٽيل (عورت).

• **اَڏيڙ ج اَڏيڑا:** ذ. [سن. اَ = نہ + ڏِيْر = محڪم] اَڏيڙ. ٽاپو ـ ٽيڙ ـ ڏڪ.

• **اَڏيڪ ج اَڏيڪ (ت):** ذ. صفت. [سن. اَرْدَ + ڪ] اڌورٽ ـ اڌ عمر وارو ـ ڪرڙو.

• **اَڏيلو ج اَڏيلا:** ذ. [سن. اَرْدَ = اڌ + ايلو] اڌيلو ـ اڌپير.

• **اَڏيلي ج اَڏيليُون:** ث. سڪي جو هڪ قسم ـ آڌيو ـ اڌ روپيو.

• **اَڏِين:** صفت. [سن. اَڏِينَ < اَدْ = هيٺ + اِنْ = مالڪ] ٻڌي جي وَس ـ پر رس ـ پرو لڳ ـ تابع. غريب ـ محتاج ـ مسڪين ـ مطيع ـ معذور.

• **اَڏِينتا:** ث. تابعداري ـ محتاجي ـ هيناهين.

• **اَڏِيڻ:** ث. [سن. اَڏين] هيٺائي.

ـ **اَڏِيڻائي:** ث. هيٺائي.

• **اَڏَ ج آڏون:** ث. باغ يا پوک کي پاڻيءَ رسائڻ جي ڪسي ـ ننڍي واهي. اَڏ ـ آٽڪ ـ رندڪ ـ روڪ "اوڻين جهلي اڏ. دانهون واڪا مون ڪيا" (شاهه). آڏ (ٻيڙيءَ يا گاڏيءَ جي). آڌار ـ اڇهو ـ اوٽ ـ ٽيڪ ـ پناهه. پرجهلائي ـ مدد. [سن. اَوَتْ] جبل ۾ ٽبل قدرتي ڦوٽ يا غار (ڪ). لوڻ ڪاڻ ـ نونار. [سن. اَتْ = اوجو. مٿانهون] اڏاوت ـ تعمير. سنهون پرت جو قسم (ث).

ـ **اَڈَاڑَنْ:** اجايو خرچ ڪرڻ. برباد ڪرڻ – جهڳو ناس ڪرڻ.

ـ **اَڈَاڑَنْ:** برباد ٿيڻ – پونگو پينگ ٿيڻ – گهڻي خرچ يا نقصان سبب تباهه ٿيڻ.

ـ **آڏ تي بيهَڻ:** بي همت ٿيڻ. ٽوڙي ڪم تي انڪار ڪرڻ. خسيس ڪم ڪان نه ٽارڻ.

ـ **اَڈ دوبي وَڃَڻ:** جهڳو ناس ٿيڻ – سڀڪجهه برباد ٿيڻ.

ـ **اَڈ نَ ٿَڻ:** خسيس ڪم به نه ڪرڻ – بي همتي ڏيکارڻ. سستي ڪرڻ.

• **اِڈ** ج اِڈَ: ذ. ويڳ – انبار (ا). هٽ – هستي (ڪ) – وڏائي.

• **اَڈ** ج اَڈُون: مث. [سن. اَدِيْ = اَڏامڻ ڏَ – لَتَ – هوا سان اَڏامندڙ متي.

ـ **اَڈ ٻڌِ ڪَرڻ:** به چتو ٿيڻ – دل من هٽڻ – داڻيان ڦاڻيان ڪرڻ.

• **اَڈ** ج اَڈَ: ذ. اَٽ – ديرِ.

ـ **اَڈ ويهڻ:** ڪوڏيءِ جو هڪ پاسي تي ڪڙي تي بيهڻ.

• **اَڈَا:** اسم خاص. مسلمانن توڙي ٻرجي سوڍن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَڈَا اَڏ:** ظرف. [سن. اَدِيْ + اَڏامڻ] جهت پت – هڪدم.

• **اَڈَاڻ:** مصدر. [سن. اَدِيْ + اَڏامڻ] اَڏائڻ. هڪلڻ (پکي).

• **اَڏاري** ج **اَڏارِيُون:** مث. اَڏائي – پرواز (خيال جو). اَڏامندڙ پکين جو وَڻَر. پاڄ – پاڄر.

• **اَڈَامَڻ:** مصدر. [سن. اَدِيْ] اَڏرڻ – پرواز ڪرڻ. مٿي وڃڻ (هوا ۾). تمام تکو هلڻ. پرڇڻ – قونديڻ (خوشيءِ يا فخر ۾). ٻاڻ ڪي ڪجهه سمجهڻ. وڙهڻ لاءِ اڇڻ. (اڏاميو. اَڏائو – اَڏامندو – اَڏائل).

ـ **اَڈَامَ:** مث. اَڏامڻ جي حالت – اَڏائي – پرواز.

ـ **اَڈَامَڪُ:** ذ. صفت. اَڏامڻ لائق (پکيءِ جو بچو). اَڏامندڙ (وَڻَر پکين جو).

ـ **اَڈَامَڪي:** مث. اَڏَامَ – اَڏاري – اَڏائي. پرواز (خيال جو). اُمنگ.

ـ **اَڈَامَ ڪَتولِي** ج **اَڈام ڪتولِيُون:** مث. اڏامندڙ ڪٽ – اَڈند ڪتولي. بلون – وماڻ. هوائي جهاز.

ـ **اَڈَامندو پکي سُڃاڻڻ:** عقل وارو هٽڻ – تيز فهم هٽڻ.

• **اڈامندو وڃڻ:** تمام تکو وڃڻ.

ـ **اَڈامي آڻڻ:** جلدي ڪٽي اڇڻ "جي ڏمريا ڪنهن ڏوت. سي اَڏامي آڻ پرين" (شاهه).

ـ **اَڈَامي اَڇڻ:** اڏري اڇڻ – تمام تکو يا جلد اڇڻ – پرواز ڪري اڇڻ. ڪنهن شيءِ جو پاڻمرادو پهچي وڃڻ. مٿان مٿان اڇڻ (جنهن ۾ ڪنهن کي خبر نه پوي) "آءٌ اَڏامي ڪانگڙا. پارانهان پچار" (شاهه).

ـ **اَڈَامي وَڃَڻ:** اڏري وڃڻ – پرواز ڪري وڃڻ. جلد وڃڻ – جهت پت وڃڻ. گم ٿي وڃڻ.

ـ **اَڈامي ويندڙ:** صفت. تمام هلڪو – خفيف گم ٿيندڙ.

• **اَڈَانِيو** ج **اَڈَانِيا** (ڪ): ذ. صفت. [سن. آ + نَ + داڻ = ڏانڻ] بي ڏانڻ – ڏانوڻ ڪان سوا.

• **اَڈاڻِ:** مصدر. اَڏائڻ (آڳاتي بولي ۾ جو متروڪ لفظ).

• **اَڈاڻو** ج **اَڈاڻَا:** ذ. اَڏاڻو. اڏيل جاءِ. اڻڄڻ ٽاهڻ جي جاءِ ۾ ڪم.

• **اَڈاوَتَ** ج **اَڈاوَتُون:** مث. بناوت – ٽاهب (جاءِ جي) – عمارت. بيهڪ – ٽاهڻ – ٻول.

ـ **اَڈاوَتَ قَرِيل هُڻڻ:** بناوت ڏنگي هڻڻ اڃ ڪهڙيو ڪاٽ هڻڻ (ماڻهو) – بد شڪل هڻڻ – بي ڍولو هڻڻ.

• **اَڈَائِڻ:** مصدر "اڏڻ" مان فعل متعدي بالواسطه. [سن. اَتّ ڪُر + اوجو ڪرڻ] تعمير ڪرائڻ – بنارائڻ. ٽهرائڻ – جوڙائڻ (جاءِ). (اَڈَايو – اَڈائيندو – اَڈايل).

• **اَڈائِڻ:** مصدر. [سن. اَدِيْ = اَڏامڻ] اَڏارڻ – پرواز ڪرائڻ. غائب ڪرڻ – گم ڪرڻ – لڪائڻ. جوراڻڻ. لُٽائڻ (ملڪيت) – خرچ ڪرڻ – ڪپائڻ. ڪوڙي خبر ظاهر ڪرڻ. (اَڈايو – اَڈائيندو – اَڈايل).

ـ **اَڈَاڻ:** مصدر. "اَڈائڻ" مان امر (=اَڈام) "اَڏاءِ لڳ الله. ويلو ڪر مَ وڃ ۾" (شاهه). (ذ) اُفواه ـ هُل. اڌنگو خرچ – بالفضولي.

ـ **اَڈَاڻُو:** ذ. صفت. اَڏائيندڙ. گهڻ خرچائو – هٽ ڦاڙ.

ـ **اَڈَائي اَڇَڻ:** تڪڙو ولي اڇڻ. تمام جلد ولي اڇڻ.

ـ **اَڈَائي ڇَڏَڻ:** خرچ ڪرڻ – لٽائي ڇڏڻ (ملڪيت). گم ڪري ڇڏڻ – لڪائڻ. مقابلي ۾ سخت شڪست ڏيڻ.

ـ **اَڈَائي وَڃَڻ:** ڪٽي وڃڻ (بنا مرضيءَ). پڄائيءِ وڃڻ (ٻانهن). گم ڪري ڇڏڻ.

• **اَڈَاڻُن:** ذ. صفت. [سن. آ = نَ + داسَ = ڏاهو. داناءِ = جنهن کي ڏاهه يا ڏاڻ نه هجي] بي ڏنگو – بي ڪِرو.

• **اَڈَايو** ج **اَڈَايا.** ذ. صفت. اڏاڻن – بيوقوف – جاهل – مورک.

• **اَڈَپَ:** مث. اَڏاوَتَ.

• **اَڈَر ڏَڏَر:** مث. نمونو – هلت.

• **اَڈَرڻ:** مصدر. [سن. اَدِيْ = اَڏامڻ] اَڏامڻ.

• **اَڈَرَاڪُ:** ذ. صفت. اَڏامڻ جهڙو ٽيڻ – اَڏرڻ جي لائق ٽيڻ.

ـ **اَڈَرَاڪ ٽِيڻ:** اَڏامڻ جهڙو ٽيڻ – اَڏرڻ جي لائق ٽيڻ.

ـ **اَڈري وڃڻ:** اَڏامي وڃڻ. پڪڙي وڃڻ. مشهور ٽيڻ.

• **اَڈَس:** صفت. بي ڏَس – لامڪان.

• **اَڈَنْتَ. اَڈَنْتَه:** ذ. [سن. اَدِيْ = اَڏامڻ] اَڏامندڙ (پکي).

• **اَڈَنْڊ:** ذ. صفت. [سن. اَدِيْ] اَڏامندڙ.

ـ **اَڈَند کتولي:** مث. [سن. اَدِيْ + کَتوا = کٽ] اَڏام کتولي. قديم زماني جي آڪاٽين ۾ جادوءِ جي زور تي اَڏامندڙ (کٽ. غاليچو.

جهاز). وماڻ

• **اڏڻ:** مصدر. [سن. آتّ = اوجو ڪرڻ] بنائڻ – تعمير ڪرڻ – ٺاهڻ – جوڙڻ (جاءِ، چنو وغيره) "اڏيو جو اوڏن، سو ڏينگر ڏيلو مَ ٽٽي" (شاه).

ـ **اڏي ڇڏڻ:** ٺاهي ڇڏڻ. مالا مال ڪرڻ – ورسائڻ.

• **اڏڻ ج اڏڻ (ڪ):** ذ. زَچ سڪائڻ لاءِ ڪتل ڪاني. (اسم خاص) ماڻهوءَ جو نالو "اڏڻ".

• **اڏڻ:** مصدر. [سن. اُڏّيَنْ] اڏامڻ – اڏرڻ.

ـ **اڏي وڃڻ:** اڏامي وڃڻ – هليو وڃڻ.

• **اڏو ج اڏا:** ذ. ڪاٺو – ماڱ – مڪان – هنڌ. ٻڌ. ٻڙي. جوارين جو مڪان – چورن. بدمعاشن جي جاءِ ـ پاٽاري، هوائي جهازن جي لهڻ جو ميدان. پرت پرڻ لاءِ جوڪنڊ. تاجي پٿرڻ لاءِ به چانگي ڪاني. ويڙهيل سُٽ جو ڏيرو. بر يا نمونو (ڪپڙي جو). پالیل پڪين جي ويهڻ لاءِ ٻيهو يا ڪتل ڪاني. استري ڪرڻ جو تختو. قبر کي ڍڪڻ لاءِ ويڪرو پٿر. ٻيڙيءَ جو ڪَنو. ٻيڙيءَ جي وچ ۾ پاسن کي جدا ڪندڙ تختي جو ٽڪر (ڪاني). ننڍي تانگهي ڪڍ جنهن ۾ ڪوس جو پاڻي وهجي (جو پوءِ وهي نڪ ۾ پوي).

• **اڏڻ، اڏڻ:** مصدر. "اڏڻ" مان امر. اڏ – اڏام "اڏڻ آڏت آهيرين، ون، وهائي پونر" (شاه).

• **اڏو (ث):** ظرف. ايڏو.

• **اڏو ج اڏا:** ذ. اُفواه ـ ڪوڙي خبر – گپوڙو – ٻَڏ

• **اڏ ٻوءِ:** ث. ننڍي تانگهي ڪڍ ۽ ان جا پاسا (جنهن ۾ ڪوس جو پاڻي وهجي جو پوءِ وهي نڪ ۾ پوي) "آب، اڏوءِ تان وريں سرها ٿيا سنگهار" (قطب شاهه).

ـ **اڏا اُڀارڻ:** افواه اُڀارڻ. ڪوڙا هَلّ هلائڻ.

• **اڏوڪڻ:** مصدر. [سن. اڏْ – دُرْش = متي نهارڻ. آسمان ۾ اکيون وهجڻ] پت يا لوڙهي مٿان ڳاٽ ڪٽي نهارڻ.

• **اڏوڻ:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + دُلْ = لڏڻ > دول = لڏندڙ] اڻ لڏندڙ – بي ڏيو. محڪم.

• **اڏوٽو:** ذ. چوڪسي – خيال.

• **اڏوهه، اڏوهي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دوش = ڏوهه يعني بي ڏوهو] بي قصور – بي گناه ـ نردوش. [سن. اَدوه < اَ = نہ + دُه = ڏهڻ] ڪيرنہ ڏهڻ جي موسر.

• **اڏوهي ج اڏوهيُون:** ث. [سن. اَپَديکا، اُپيکا] جيت جو هڪ قسم (جو ڪاٺ، ڪتابن وغيره کي ڪائي) "اڏوهيءَ جيئن ڏکڙا، چڙهيا چوٽيءَ سينءَ" (شاه).

ـ **اڏوهي لڳڻ:** اڏوهيءَ کان ڪاڃڻ. سُرڇي وڃڻ.

• **اڏهي ٻڌڻ:** چپر جي پچرن کي لکڻ سان ٻڌي قابو ڪرڻ.

• **اڏِي ج اڏِيُون:** ث. [سن. اَدْر = ٻَهڻ] سوم. هوتيءَ کي گهڻو يا پيهڻ لاءِ] گاه، گوشت مڇيءَ، وغيره کي وڍڻ لاءِ ڪاڻيءَ ٽڪر "اڏيءَ سَر ڏري، مانَ ڪهنئون سپرين" (شاه). اهو ڪاڻيءَ ٽڪر جنهن ۾ سندان ڪتل هجي. اها ڪاڻي جنهن تي بندوق رکي هٿجي. ٻيڙيءَ جي ڪنجيءِ ۽ تخت جي وچ ۾ لڳل ڪاڻي. جنديءَ جي هيٺان لوهي لٽ جنهن تي جنڊي ڪندڙ پنهنجا پير رکندو آهي.

ـ **اڏِيءَ تي سَرُ ڏين، رَکَڻ:** مرڻ لاءِ تيار هجڻ.

ـ **اڏِيءَ تي وَهاڙڻ:** باهر ڪڍڻ (نيات وغيره مان) – واسطو نہ رکڻ. تڪليفن ۾ وجهڻ. پيڇيگو ڪرڻ – سڃو ڪرڻ.

ـ **اڏِي ڪوڙي ويهڻ:** بي انصافيءَ لاءِ تيار رهڻ. ظلم تي پاڙڻ.

• **اڏيار:** صفت. ياريءَ ۾ اڏ ڏيندڙ – اڻ يار (ياريءَ ۾ نہ آهي).

• **اڏِيارُ ج اڏِيارَ:** ذ. صفت. [سن. ۱. اَتْيايه = پري ويندڙ. پاسو ڪندڙ؛ ۲. اَتْياچار = ريتين رسمن کان پري پچندڙ] گوشو ڪندڙ. مخالفت ڪندڙ "صوفي سالم سي ويا، جي اڪثر سين اڏيار".

• **اڏيرو لال:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور درويش جو نالو (جنهن کي مسلمان "شيخ طاهر" ۽ هندو "اميرلال" چوندا آهن. هن جي درگاهه تعلقي مٽياري ۾ آهي). مٽياري ۽ گهوڑا باري تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.

• **اڏيسي پوڻا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اڏيڪ:** ذ. صفت. [سن. اُدِيْكْشَنْ = نهارڻ. انتظار ڪرڻ] آسائو – اميدوار. اوسيڙو ڪندڙ – اميدوار.

• **اڏيو ج اڏيا:** ذ. اڏيل گهر – جاءِ. اوتارو. اجهو "پيهي ويا پاڻ ۾. اڏيا مڙهه مارين" (شاه).

• **اڏيهي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ديش = ڏيهه] پرديسي – پرڏيهي.

• **اڏيهي:** ث. ذ. اڏوهي (ڪاٺ ڪائيندڙ جيت).

• **اڏ:** ذ. ڍڳ (رلين جو). انّ جو انبار.

ـ **اڏ ڪري ٻيهڻ:** اَتَلَ ڪري ٻيهڻ – اوهر ڪرڻ (بارجي). لڙي ٻيهڻ (ڪجائي جو).

• **اڏ:** ث. ذ. [سن. اَوْر رڪڻ. اَرمْيَتِر، اَدَر = پيٽ] پيٽوڙي – گهڻ ڪاٽڪ – مانين ٽوڙ – حبچي.

• **اڏاڻ (ڪ):** ذ. اهو پاڻي جو جانورن ۾ رڌڻ سارو وهجي – اجائڻ.

• **اڏاڻا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اڏائو ج اڏاوا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دَرَه = ڊپ] بي خوف – بي ڊپو.

• **اڏائي:** ث. بي ڊپائي.

• **اڀائي ج اڀايُون:** ث. [سن. اَدِيْنْ = اَڏامڻ] اڏاري – اڏامڪي – اڏائي

– پرواز (خيال جو). حيراني وائڙائي. اُدڪائي – ڊپ.

• **اِبر گبر(ل):** شد هڪ بارائي راند (جنهن ۾ هٿن کي هيٺ مٿي ڪبو آهي).

• **اُڀرڻ:** مصدر. [سن. اُدِيَن] اُڏرڻ – اُڏامڻ.

• **اُڀڙڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + مٿي + ڏري + ڪَرڻ] بخير ڪرڻ – تاڪا ٽڪڻ – توپر ڪلي ٻوڙ. اُڀمڻ. ڦاٽڻ. جوگرجي ٻوڙ. (اُڀڙيو – اُڀڙندو – اُڀڙيل).

• **اُڀڙي پوڻ:** تاڪا ڪلي ٻوڙ – ڦاٽي ٻوڙ. بيسن ۾ ڦاٽڻ – مالا مال ٿيڻ. جوگرجي ٻوڙ (گهٽي ڪائڻ ڪري).

• **اُڀَسَ ج اُڀس (ل):** ذ. [سن. اُدَس = مٿي اڇلائڻ ڪرڪڙ] ڊڪ – ڊير – ڪوڙ.

• **اُڀڪڻ:** مصدر. [سن. ١. اُدْ = مٿي + ڏري = ڊڄڻ. ٢. اُتْڪَنپ = ڊڄڻ. ڏکڻ] اُڀڪر ڪرڻ – چرڪڻ – ڊپ ۾ پرڄڻ – ڊپ ۾ ڪڙو ٿيڻ – ڊڄڻ "ڪيهر ڪَن نہ اُڀڪي، ڏاڻ نہ ڊڄي تن" (شاهه). (اُڀڪيو – اُڀڪندو – اُڀڪيل).

– **اُڀڪائڻ:** مصدر "اُڀڪڻ" مان فعل متعدي بالواسطه. چرڪائڻ – ڊيجارڻ.

– **اُڀڪو ج اُڀڪا:** ذ. اُلڪو – انتظار – انديشو – اونو. ٻڙ – خطرو – خوف. فڪر – ڪنڪو "آئي اُتر مند. هيين اُڀڪو نہ لهي" (شاهه).

• **اُڀڪتو ج اُڀڪتا:** ذ. اڀڪو – ڊپ.

• **اُڀلڻ:** مصدر. اُٿلي پوڻ – اهلي پوڻ – لَڙڻ "اُليهر جان اُڀلي پيا، ڊريا بدن ڊار" (جلال).

• **اُڀلهه (لس. ڪ):** ذ. [سن. اُڀْه = پاڻي. تارن جندِ جي هڪ منزل] تارو. جند (صفت) جمڪندڙ – روشن.

• **اُڀَمبَرُ، اُڀَنبَرُ:** ذ. [سن. اُدَنبره] ٽاڪ. ڊبڊبو – ٻيڪو – ڏيڪ ويڪ – شان شوڪت – طومار.

• **اُڀَهڻ:** مصدر. اُڀَڙڻ. اُڏَڙڻ – اُڀڙڻ. تباهه ٿيڻ. پٽجڻ. ٽرڪڻ. اُکيڙڻ – پٽڻ – جدا جدا ڪرڻ – ڪوليڻ. ڪوشش ڪرڻ. ڪوليڻ (ت).

• **اُڀَڻ:** مصدر. ڪوٽڻ (زمين) "ڪُٿو اُڀي. مَنهن ۾ پاڻي". ڪاوڙجڻ. (اُڀيو – اُڀيندو – اُڀيل).

• **اُڀو ج اُڀا:** ذ. [سن. اُدْ + ڏري = ڊڄڻ] اُڀڪو – اُلڪو – انتظار – انديشو – اوسيڙو – اونو "اُڀو لاه احمد چوي، ماروئڙن مٽان".

• **اُڀوڙڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – ڏُرِي = (اُدْ = مٿي + ڏُري = ڀڄڻ)] اُڀيڙڻ – بخيا اُکيڙڻ – تاڪا ڪوليڻ. ڦاڙڻ (ڪپڙو).

• **اُڀيرَ:** ذ. صبح جي سُستي يا ڳاموڙ.

• **اُڀيڙ:** ذ. [سن. اُدْ – ڏَرڻ. اُدْ – گري = اوڪڻ. قي ڪرڻ] حامل عورت جي صبح وقت دل ڪچي ٿيڻ ۽ اوڪاريا ڏيڻ – پيٽ واريءَ زال جا اُبڙڪا.

• **اُڀيڙڻ:** مصدر. اُڀوڙڻ. بخيا اُکيڙڻ – تاڪا ڪوليڻ. (اُڀيڙيو – اُڀيڙيندو – اُڀيڙيل).

– **اُڀيڙي ڇڏڻ:** ڏاڍي مار ڪٽڻ. سخت سزا ڏيڻ.

• **اُڀيڙو:** ذ. مائٽي جنڻ يا ٽوڙڻ جي حالت. قطع رحم.

• **اُڀِ ج اُڀيرُون:** شد [سن. اُودَس = اوهه. ببو. ٿڻ. پستان] ماءُ جو اُرهه يا ڏاڙهه جي رڳ. ڏاني گَٽ يا اوگٽ (جو جائي جڻ ڪان مائٽن ڪان پرائجي) – ڪلا روڳ. اصل نسل – بنياد. عادت – هير (بنيادي، نسلي). ڪُتب – ڪَر.

• **اُڀِ ڪَهِڻ:** اصل ڏي ورڻ. بنهنجن وڏن جي ڪا عادت پرائڻ.

• **اُڀِ ڪڍِ تي هلڻ:** حال يا پجندي، سارو خرچ ڪرڻ.

• **اِڀُ ج اِڀَ (ت):** ذ. انبار – ڍڳ.

• **اُڀَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اُڀارَ، اُڀارَڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – ڏارَ = ڪڍڻ. خطري ڪان بچائڻ] پورو ڪرڻ – ختم ڪرڻ – خلاص ڪرڻ (ڪم). جند جي ڳاري يا تانئر ۾ رهيل اتر نائي سان ڪيڻ. سپ پهاري ڪٽي وڃڻ.

• **اُڀاري (ث):** صفت. اُرڙهن (عدد).

• **اُڀاڻَ ج اُڀاڻَ (ڪ):** ذ. جانورن رڇهڻ لاءِ مقرر انداز تي وڏل پاڻي.

• **اُڀاڻا:** اسم خاص. هڪ ذات نالو.

• **اُڀَائِڻ:** مصدر. [سن. اُتْثَاپَن = اُٿارڻ. ڪڍو ڪرڻ] اُٿائڻ – چائڻ – ڪٽڻ. پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ. جند پيهي تانئر مان اُتو ڪيڻ.

• **اُڀائِي:** صفت. [سن. اُرْدَ = اڌ + ڏُو = ٻه] ٻه سجاءِ هڪ جو اڌ (2.5).

• **اُڀائِي اُکَر:** ذ. ٻه چار اکر. ٿورو ڳهڻو علم.

– **اُڀائِتَرو، اُڀائِرو:** ذ. اُڀائي سيکڙو – سوٽ تي اُڀائي.

– **اُڀائُوڻ، اُڀَائُوٽي، اُڀَائِيُون، اُڀايُوٽو:** ذ. اڀائي پيرا – ڏيڍ پيرو وڌيڪ.

– **اُڀائي ڏينهن جي بادشاهي:** شد ٿورن ڏينهن جي حڪومت.

– **اُڀائي ٽڙ:** ميت کي غسل ڏيڻ جو مقدار.

– **اُڀائي گهرن جو خير:** محاورو. سيکڻهن جو پلو.

– **اُڀائي گهرن جو زيان:** محاورو. جهيڙا ڪرائيندڙ. سيکڻهن کي نقصان پهچائيندڙ.

• **اُڀَنگو ج اُڀَنگا:** ذ. [سن. اَ + دَڪْش] بي ڏنگو – بي فضيلتو – ڪُڌنگو – ڪُريتو – ڪلچٽو – نالائق – ولو "اڄ اُڀنگا ويڙ. مون کي مُڪا، جيڏئين" (شاهه).

– **اُڀَنگا پير ڪڍڻ:** ابتا پير ڪٽڻ. خراب هلت هلڻ.

– **اُڀَنگائي ج اُڀَنگائِيُون:** ث. بچڙي عادت – بدچالي – ڪلچٽائي.

• **اِڀو ج اِڀَا (ل):** ذ. [سن. ١. اُوَدَ = حد. ٢. اِيْنَا = ايذائي] انتها – چيهه – حد – ڏنگ – ڪَر. اوجائي – لنبائي. درجو – مرتبو. ڏڙو – نشان.

عادت. قطار.

• **اُپوري (ل):** ث. ٹوري گاه وارو جراگاه (جنهن ۾ مال نه مڃي). چَن ـ سيرَ.

• **اُپوٽي:** اسم خاص. تعلقي ناري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُپوجَائي:** اسم خاص. سجاول ۽ ديري محبت تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُپوڇا (ث):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اِذ:** ظرف. [ع] جڏهن ــ جنهن وقت ــ (ياد ڪر) جڏهن.

• **اِذا:** ظرف. [ع] جڏهن. اڇوا.

ـ **اِذا جاءَ:** اسم خاص. قرآن شريف جي (۱۱۰) سورة جا پهريان لفظ "اِذا جَاءَ نَصْرُ اللهِ وَالْفَتْحُ = جڏهن الله (تعالىٰ) جي پاران نصرت ۽ سوپ ايندي".

ـ **اِذازُلْزِلَتْ:** اسم خاص قرآن شريف جي (۹۹) سورة جا پهريان لفظ "تبارڪ. ثَبْت. اذا جاءَ. اِذا زُلزلت سين اور" (هارون هگورو).

• **اِذابَتَ:** ذ. [ع. اِذابةَ = ڳارڻ. پگهارڻ] گداز ــ ڳارو.

• **اِذاعَتَ:** ذ. [ع. اِذاعه = خبر پکيڙڻ] پرچار ــ پڙهو ــ نشر.

• **اِذاقَتِ:** ذ. [ع. اِذاقَة = ذائقو چکائڻ] ذائقو.

• **اَذانَ ج اَذانُون:** ث. [ع. اَذَن = هن ڪوليو. هن اجازت ڏني] بانگ ــ نماز لاءِ سڏ يا ڪوڪ "صائر سڪي جيئن. اذان جي آواز ڪي" (شاهه).

ـ **اَذان ڏيڻ:** بانگ ڏيڻ.

• **اُذبَڪ. اُذبَڪ:** ذ. [تاتاري] تاتاري ترڪن جو هڪ قبيلو (جو چنگيز خان سان گڏ آيو هو). ڏاڍو مڙس. زبردست. ظالم.

ـ **اُذبَڪَني:** ث. اُذبڪ ٻانهي يا خادمه (جا روڏا مائٽن پنهنجي حرم ۾ رکندا هئا).

ـ **اُذبَڪيُون بَڪيُن:** اجايو سجايو ڳالهائڻ. بيهودو بڪ. ڏونگل هڻڻ. ناشدني ڳالهيون ڪرڻ. وڏلن.

ـ **اُذبَڪيُون هلڻ:** اُجائڻ ــ ٻاڻي ڪٽڻ ــ ستائڻ. ڏاڍايون ڪرڻ ــ زبردستيون ڪرڻ.

• **اُذخار:** ذ. [ع. ذُخْر ج اَذْخار] ذخيرا ــ سڌا سامان.

• **اِذْخِر:** ذ. [ع] پسارڪي وڪر جو هڪ قسم ــ جبل ۾ پيدا ٿيندڙ خوشبودار گاهه جو دوا طور ڪم اچي ــ پٽر ڦوڙي ــ پٽي ــ سنسئيءَ جو پٽر. مرچياڪند (ه).

ـ **اِذْخِر مڪي:** ذ. اِذْخِر جو هڪ قسم.

• **اَذفَر:** صفت. [ع. "ذَفِر" جو تفضيل] تيز خوشبودار ــ خالص "مُشڪ اَذفر. وغيره".

• **اَذعان:** ذ. [ع] اطاعت ــ مڃتا.

• **اَذْكار:** ذ. [ع. ذِكْر ج اَذْكار] ذڪيءِ. جي يادگيريءِ ۾ دعائون ۽ ساراهون. بيان ــ ڳالهيون.

• **اَذْكِياءَ:** ذ. [ع. ذَكِي ج اَذكِياءُ] تيز فهم ــ ذهن و ذڪارت وارا.

• **اَذَلّ:** صفت. [ع. "ذليل" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ ذليل ــ نهايت حقير.

• **اِذْلال:** ذ. [ع. ذليل ڪرڻ] ذلت.

• **اِذْنُ ج اِذَنَ:** ذ. [ع] اجازت ــ رخصت ــ موڪل. امر ــ حڪم ــ فرمان. رضا "امر اِذن جي سائ الله. آيو گهوت ڪتي گهر واهر".

ـ **اِذْنُ اللهِ:** ذ. الله جو حڪم.

ـ **اِذْنُ ڏيڻ:** امر ڪرڻ ــ حڪم ڏيڻ. تعويذ. وظيفي وغيره جي اجازت يا هدو ڏيڻ.

ـ **اِذْنِ عام:** ذ. عام حڪم. لاش دفنائڻ کان پوءِ ڪانڌين کي ڏنل اجازت (جنهن ۾ بڏائيو آهي ته جنهن کي ڪم هجي سو پلي وڃي).

ـ **اِذْنُ مجائڻ:** پنهنجي ڳالهه جي پوٽواري ڪرائڻ ــ حڪم مجائڻ.

ـ **اِذْنُ نامو:** ذ. رخصت جو خط. نڪاح جي اجازت.

ـ **اِذْنُ وَنڻ:** نڪاح وقت ڪنوار کان قبوليت وٺڻ. هدو وٺڻ.

• **اَذْهانَ:** ذ. [ع. ذِهْن ج اَذْهانَ] ذِهْن ــ سمجهون ــ عقل.

• **اَذِيّت ج اَذِيّتون:** ث. [ع. اَذِيّة = ايذاءُ پهچڻ] ايذاءُ ــ اهنج ــ تڪليف ــ ڏک. ظلم. نقصان.

• **اَرْ:** حرف شرط. [فـ. "اگر" جو مخفف] اگر ــ جيڪڏهن.

• **اَرَ:** گهٽ. ناقص.

• **اَرَ:** ث. اَنَڪَ ــ اَڏَ.

• **اَرّ (ڪ):** ذ. بدهاضمو.

• **اِرْ ج اِرَ:** ذ. بغض ــ حَسَد ــ ڪينو. ڪَچ ــ ڪوڙ. عيب "اِرَ لڪائيج ڪيم ڪي. سودر ڏيج صفا". انگل آرو ــ عدر بهانو.

ـ **اِرْ ڪري ويهي رهڻ:** بهانو ڪري ويهي رهڻ.

• **اَرَ:** ث. ڏُکَ ــ تَڪاوَتَ. بدن ۾ سُور (گهٽي ڪم يا تَڪ سبب).

• **اَرجي پوڻ:** ٿڪجي پوڻ ــ ڪَرَجي پوڻ.

• **اَرْ ج اَرَ:** ذ. [سن. اَرَسْ = چاتي. اَره] اَره ــ چاتي ــ سينو. ارواح ــ جيءُ ــ دل ــ من. چاهه ــ شوق. ٻڌي ــ تيز فهمي ــ ذهن ذڪاءَ ــ سٽو حافظو. شڪتي ــ طاقت ــ قوت.

ـ **اَرْ پَرَجَهْ (ت):** اشتها پوري ٿيڻ ــ ڍءُ ڪرڻ ــ رج ڪرڻ.

ـ **اَرْ ڏيئي ڪم ڪرڻ:** چاه سان ڪم ڪرڻ ــ دل لائي ڪم ڪرڻ.

ـ **اَر لائڻ:** پاڪر پائڻ ــ چاتيءَ سان لائڻ ــ گر لائڻ.

• **اَراَبَه:** ث. [ف] گاڏي. ترب گاڏي.

• **اَراتو ج اَراتا:** ذ. [سن. اَروَدن = رودن ڪرڻ. روئڻ] اوراتو ــ پڌڪو ــ راڙو ــ روج ــ ماتم. افسوس ــ درد ــ ڏک ــ جهوراڙو "ڏاڍو فراق ڏکيو. هڪ اهنج ٻيو آراتو" (آسرداس).

• **اَراتيڻ (ل):** مصدر. ڏسو "اوراڻڻ". (اَراتيو ــ اَراتيندو ــ اَراتيل).

• **اَراجَڪ:** ذ. صفت. [سن. اَراجَڪ = بي راجا. بي والي] راجا کان خالي (ملڪ) ــ بدامنيءِ وارو (ملڪ).

ـ **أراجكتا:** ث. انڈ ڈنڈ ـ بادشاه گردي ـ بدامني ـ طوائف الملوكي ـ وڳوڙ.

ـ **أراجك وادي:** ذ. صفت. بدامني پکيڙيندڙ ـ فسادي.

• **إرادات:** ذ. [ع. إرادة ج إرادات] ارادا ـ حڪم ـ خواهشون ـ وصيتون.

• **إرادَتَ:** ث. [ع. إرادَة = گهُرڻ] ارادو ـ تقدير ـ خواهش ـ گهُر "اڪ ارادت جو ڏربان ڏوتوم" (شاه). اخلاص. اعتقاد.

• **إرادَتاً:** ظرف. ارادي سان ـ جاڻي ٻجهي ـ جاڻي واڻي ـ ديده دانسته ـ قصداً ـ هاسيڪار.

ـ **إرادَتْمَند:** ذ. صفت. عقيدت مند. مخلص مريد.

ـ **إرادَتْمَندي:** ث. اخلاق. اعتقاد. مريدي. نيڪ نيتي.

• **أرادو:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **إرادو ج إرادا:** ذ. [ع. إرادة = گهُرڻ] آرزو ـ اڇا ـ خواهش ـ گهُر ـ مرضي. قصد ـ مراد ـ نيّت. اعتقاد ـ پروسو ـ ويساه ـ يقين. تقدير ـ رب جي رضا ـ قسمت ـ لکيو ـ نصيبه.

ـ **إرادو ڪرڻ:** خواهش ركڻ ـ قصد ڪرڻ ـ نيت ڪرڻ.

• **إراده:** ذ. [ع. إرادة] "ارادو".

• **أرادو ج ارادا:** ذ. صفت. [ع. علحده = جدا] الگ ـ جدا ـ نرالو ـ نيارو. ٻيو.

• **أرارو ج أرارا:** ذ. [سن. أرالَ = ڏنگو] ٽيڏو ـ ڏڏو ـ ڏنگو ـ مُڙيل ـ وريل. اردُو ـ اهنڌ ـ ڪرڙو. خشڪ مزاج ـ شوم. البيلو ـ دادلو ـ لاڏلو.

• **أرَاس:** صفت. [سن. أ = نہ + ف. راست = سڌو] اڌ پورو ـ اڌورو ـ اٽيورو ـ ناقص. (ث) آرس ـ ترٽيائي ـ سُستي ـ ڪاهلي.

• **إراضي ج إرَاضيُون:** ث. [ع. أرْض ج أراضي] زمين تڪر جي پکيڙ يا ماپ.

• **إراڪ:** ذ. هڪ قسم جو وڻ ـ ورهه (وڻ). "جڳاءِ تہ ڏنڊ هوءِ ڪنان درخت إراڪ" (دائري وارن جي سنڌي).

• **أرَاكِيْن:** ذ. [ع. رُكْن ج أراكين] ٿنيا. (مجازاً) حڪومت جي ڪاروبار سنڀالينڊڙ ماڻهو.

ـ **أراكين سلطنت:** ذ. ارباب حڪومت ـ امير اُمراء.

• **أرانبي ج أرانبيُون:** ث. [سن. اُلمَكَ] أرانبي. برنڊ سنهي ڪائي ـ جُرجڙي.

• **أرَانْبِي ج أرَانْبَا:** ذ. [سن. اُلمَكَ] اولاٽيو ـ (باهه جي) چپي يا شعلو. باه ٻارڻ لاءِ ڪائين جو مُوٽو. (ث) أرانْبي ج أرانبيُون.

• **ارانگهڻ:** مصدر. اورانگهڻ "هي جي حيلا هٿ جا، ارٿ، ركي ارانگ" (خانزئي). (ارانگيو ـ ارانگيندو ـ ارانگيل).

• **أرَاڙ:** ث. [سن. أرَڙ < أ = نہ + رَڙ = جنگ يعني عدم جنگ. صلح آشتي] ٽاهه ـ ساز ـ سلوڪ ـ صلح. محبت "لَلَن کي، لطيف چئي، أچي سان آراڙ" (شاه).

• **أراڻو (ڪ):** ذ. بناجتي، اڻگهاڙو پير.

• **أراوَندو ج أراوَندا:** ذ.صفت. [سن. أ = نہ + رَجَڪ = وتندڙ] أدنگو ـ اهنڌ ـ سرڪش. ٽيڏو ـ ڏڏو. اڻهتو ـ بي قاعده. بي لغام ـ بي مهار ـ چڙواڳ.

• **أرائِڙ:** مصدر. [سن. اَڙ ـ ر = أڏامڻ. ڊوڙڻ. هلڻ] أڏائڻ. ڊوڙائڻ ـ ڪاهڻ ـ هلائڻ. تڙڻ. هڪلڻ. ورائڻ.

• **أرْبَ ج أرْبَ:** صفت. [سن. أرْبَدَ = ڏهه ڪروڙ] هڪ عدد جو نالو ـ سؤ ڪروڙ (100,0000000).

ـ **أرْبَ ڳَرْبَ:** صفت. [أرْب = ڏهه ڪروڙ، ڪرب = 100 ارب] بي انداز ـ بي شمار.

• **أرْبابُ ج أرْبابَ:** ذ. صفت. [ع. رَبّ ج أرباب] ڌڻي ـ صاحب ـ مالڪ. وڏو ماڻهو ـ وڏيرو "اربابَ بني کي چندن لڳو" (سهرو). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. ڪن خاندانن جو لقب.

ـ **أرباب بَصيرَت:** ذ. اندرين، نظر يا باطن جا صاحب ـ باريڪ بين انسان ـ دوراندیش ـ فهم ۽ فراست جا مالڪ.

ـ **أرباب تَميز:** ذ. امتيازجا صاحب ـ چگو مڙو ـ سمجهندڙ ـ دانشمند

ـ **أرباب تَمْكين:** ذهبي جا مالڪ

ـ **أرباب تيمار:** ذ. پينشن بردار.

ـ **أرباب جاه:** ذ. وڏي جاهه يا مرتبي جا صاحب.

ـ **أرباب خرد، دانش:** ذ. دانائي، جا صاحب. ڏاها ـ سياڻا.

ـ **أرباب دولت:** ذ. حڪومت جا صاحب. امير ـ حاڪم. والي. دولتمند ـ دولت وارا ـ شاهوڪار ـ مالدار.

ـ **ارباب ده:** ذ. ديهه جا مالڪ.

ـ **ارباب ديوان:** ذ. ديوان يا ڪورٽ جا صاحب ـ مُشير.

ـ **ارباب سُخَن:** ذ. سُخن جا صاحب ـ شاعر ـ فصاحت ۽ بلاغت جا مالڪ. ڪريسر.

ـ **ارباب سُلُوك:** ذ. تصوف يا طريقت جا صاحب.

ـ **ارباب سَيفه:** ذ. ترار جا مالڪ. لشڪري عملدار.

ـ **أرباب شرع:** ذ. قانون جا صاحب ـ قانون دان ـ متّقي.

ـ **أرباب صَنْعَت:** ذ. صنعت جا صاحب ـ ڪاريگر ـ هنرمند.

ـ **ارباب عشْرت:** ذ. عيش و عشرت ۾ شريڪ ٿيندڙ ـ ناچ وغيره جي محفلن وارا.

ـ **ارباب علم ويقين:** ذ. علم ۽ يقين جا صاحب.

ـ **أرباب فَضْل و كَمال:** ذ. فضيلت ۽ ڪماليت جا ڌڻي.

ـ **ارباب قَلَمْ:** ذ. اهل قلم ـ اديب.

ـ **ارباب مال:** ذ. مال يا خزاني جا ڌڻي.

ـ **اربابِ معنيٰ:** ذ. (تصوف جي اصطلاح موجب) باطني رازن ۽ معنائن کي سمجهندڙ.

ـ **ارباب ڪُرمَت:** ذ. رحم ۽ ڪرم جا صاحب.

ـ **اربابِ نشاط:** ذ. خوشيءَ جا صاحب. گائڻا ۽ ناچو.

ـ **اربابِ همت:** ذ. وڏيءَ همّت جا صاحب. بلند خيالن وارا. سخي.

• **اَرْبَعْ:** صفت. [ع. اَرْبَعُ، اَرْبَعةٌ= چار] چار.

ـ **اربَعُ خطا:** ث. چار گناه (شرع موجب تي گناه معاف ڪيا ويندا آهن). ڳري خطا. نہ معاف ٿيڻ جهڙو ڏوهہ.

• **اَربَعُ خطا ٿيڻ:** جوئون پيرو گناه ٿيڻ. ناقابل معافي ڏوهہ ٿيڻ.

• **اربع عناصر:** ذ. ڪائناتجي تخليق جا چار بنيادي عناصر (باهہ، پاڻي، هوا ۽ مٽي).

• **اَربعًا:** ذ. [ع] هڪتي جو جوئون ڏينهن — ٻڌڙ.

• **اَربَعُون، اَربَعين:** صفت. [ع] چاليهہ.

• **اَربِنْدْ ج اَربِنْدَ:** ذ. [سن. اَرونْڊ] گل جو هڪ قسم — ڪنول — نيلو فر.

• **اَربِيلو ج اَربِيلا:** ذ. صفت. البيلو — بي پرواه — بي خيالو — لاڀو — نخريلو. پوشاڪي. چهيلو — نٽئون — دادلو — ناز پروردہ. بالو پولو — سادو سودو — نرجل. (ث) اَربيلي ج اَربيليَون.

• **اَربيلائي:** ث. البيلائي — دادلائي — لاڀ — ناز نخرو.

• **اَرْپَر:** ث. پريشاني — گڙبڙ — گهبراهٽ — مونجهار.

ـ **اَرْپَر ڪرڻ:** بيهودو بڪ ڪرڻ.

• **اَرْپَ ج اَرْپَون (ڪ ک):** ث. [سن. اَرْپ = گهٽو] اُها نندي رڌ جا اڃا ڏڪي ٿيڻ جي لائق نہ هجي — اورنبہ.

• **اَرْپَڪ ج اَرْپَڪ:** ذ. صفت. [سن. اَرپَڪ] نڏرو — ڏري جيترو. ڏهرو — هيٺو. هاراڻو — صغير. ٻار — چرڪرو. ڪنهن بہ حيوان جو ڇڇو. بيوقوف — پرڪ.

• **اَرتُ ج اَرتَ:** ذ. [سن. اَرتْر = اولو. سڪان: جهاز. ٻيڙيءَ. گاڏيءَ جو هڪ حصو] اُولِي — پَٽ ـ قُنْگهُ (ٻيڙيءَ جو). پائدان — پير رکڻ جو ڏاڪو — پيڙي. رڪابَہ

• **اَرتابَہ:** ذ. ٻوڙ جي شروعي گهاڻي ڪرڻ لاءِ رڌڻ وقت پاڻيءَ ۾ ملائي ڏيڪڙي ۾ وڌل آٽو — ڏوڏي — لاس. جَون ۽ چانپي جو آٽو گڏ ڪاڙهيل (جو ائن جي رت کي سرد ڪرڻ لاءِ پياريو آهي).

• **اِرْتِباط:** ذ [ع. ربط = هن ٻڌو] تعلق — سٻنڌ — گانڊاپو — لاڳاپو — ميلاپ — واسطو. آشنائي — الفت — انس — محبت. جاڻ سڃاڻ — دوستي — سنگت.

• **اِرْت پرت:** ذ. [سن. پُرت دانَمْ] ادل بدل — بدلو — ڏي وٺ — عوض.

ـ **اِرت پَرت جي پاڃي هُٺ:** اُدلي جو بدلو هٺ — ڏي وٺ جو سودو هٺ.

• **اِرْتِجال:** ذ. [ع. رَجَلَ] تڙي ڪڙي شعر سازي ۽ تقرير بازي. ٽڏي تي شعر ناهڻ ۽ حاضر جوابي. في البديهہ شعر گوئي.

• **اِرْتِحال:** ذ. [ع. رَحَلَ] چالاڻو — سفر — لاڏاڻو. رحلت — لڏ پلاڻ — وفات.

• **اِرْتِداد:** ذ. [ع. رَدّ = مٽائڻ. ڦيرڻ] دين کان ڦيرو — مذهب کان منهن موڙ.

• **اَرْتَرْ:** ث. حيلا حوالا — مٿا ڪٽ — مٿا مونا — ڪوشش. آتر ڏاڙ — ٽڏي مني ڳالهہ — ڇڪ ڇر — هيٺ مٿاهين.

• **اِرْتِسامْ:** ذ. [ع. رَسَم = ڇڪڻ. ڪيڻ] چتسالي — برائنگ — نقش ڪشي.

• **اِرْتِعاش:** ذ. [ع. رَعَش] ڪنهن بہ عضوي جي بي اختيار ڏڪڻي — رڦڻي — رعشو. بيماريءَ جو هڪ قسم.

• **اِرْتِفاعْ:** ذ. [ع. رَفَع] بلندي — عمود — مٿاهين چوٽي.

• **اِرْتِفاقْ:** ذ. [ع. ۱. رَفَق = ٽونڊ تي ٽيڪ ڏيڻ] سهولت — آسايش.

• **اِرْتِقا:** ذ. ث. [ع. "رَقي" جو افتعال] ترقي — چاڙهو — سڌارو. واڌارو.

ـ **اِرتِقاءِ ونْشُو:** ذ. ڊارون (Darwin) جو نظريو (تہ انسان ڪيئن موجوده شڪل ۾ آيو آهي).

• **اِرْتِڪابْ:** ذ. [ع. "رَكِبَ" جو افتعال] ڪنهن بہ مهمّ جو هٿ ۾ کڻڻ (گناه جو) ڪم ڪرڻ. ذميبرداري. خطا ڪاري.

• **اَرْتو ج اَرْتا:** ذ. صفت. [پرا. اَرَتّ = ڳاڙهو: سن ۱. اَرُڻ = ڳاڙهو پيلو. ڳاڙهو رنگ. شفق جو رنگ: ۲. اَرَكْتَ = ڳاڙهيرو < رَكْتَ = رت] رتاڻون — رت جهڙو — ڳاڙهو. (ذ) خون — رَتُ — لَهو "اوتن ارتي گاڏيون. منجهان اڪين آب" (شاهہ). رت جا ڳوڙها "آب ارتو اڪيين. لوڪ وهائين لال" (شاهہ). پيلو — ڪو — زردو (رنگ).

ـ **اَرتو آبْ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. رت جا ڳوڙها.

ـ **اَرتوهارَڙ:** رَتُ روئڻ — رت هارڻ. ارتو اڪيين هاريو هار. چرخو چوري ڪت ڪا تار".

• **اَرْتُو:** ذ. [هـ] ڄڻ — ڪُهندي.

• **ارتو:** ذ. گل جو هڪ قسم "ارتي آيي عود اگر اگن نہ اهڙي آهہ" (جلال ڪتي).

ـ **اَرتوگر:** ذ. صفت. اهو جو ڪپڙي ۾ ڄڻ وجهي.

• **اِرْتِياب:** ذ. [ع. "راب" جو افتعال = شڪ آڻڻ] ريب — شڪ.

• **اِرْتِياحْ:** ذ. [ع. "راحَ" جو افتعال] راحت — آرام.

• **اَرْتِيو ج اَرْتِيا:** ذ. صفت. [سن. اَدِشْتَ = صلاح ڏنل. هدايت ڪيل] آڏتيو — پلاوٽو — گماشتو.

• **اَرْتَ ج اَرْتُون (ڪ):** ث. زال — ضعيف — عورت.

• **اَرث:** ظرف. [سن. اَرْتَ] صدقي — ڪارڻ — ليکي — اوسطي.

• **اَرْتُ ج اَرْتَ:** ذ. [سن. اَرْتَ] غرض – مقصد – مطلب، بيان – تفسير – سمجهائي – معنيٰ، سبب – ڪارڻ، فائدو – ڪم، دولت – وٽ – شيءِ، ڪم ڪار – واسطو، سوال – عرض – عريضي، ضرورت – گهرج.

ـ **اَرْتات، اَرْتانْ:** ظرف. حقيقت ۾ ـ مطلب تہ – يعني.

ـ **اَرْتائُو:** ذ. صفت. ضرورتمند – گهرجائو، ارٿ ڪندڙ – مطلب بيان ڪندڙ.

ـ **اَرْتائي:** ذ. صفت. معنيٰ ڪندڙ – تعبير ڪندڙ.

ـ **اَرْتُ پڌائڻ:** ڪنهن ڏرم شاستر مان ڪٿا يا آکاڻي بيان ڪرڻ، مطلب سمجهائڻ.

ـ **اَرْتُ ٹيڻ:** اميد پوري ٹيڻ – ضرورت پوري ٹيڻ – ڪم ٹيڻ – مطلب پورو ٹيڻ "پل تہ فلاڻي جو اَرٿ ٹئي".

ـ **اَرْتُ سڌ ڪرڻ:** مطلب پورو ڪرڻ "پرڀهي پرمارٿ سنتن اَرْتَ سڌ ڪيو" (سامي).

ـ **اَرْتُ شاستر:** ذ. اهڙو ڪتاب جنهن ۾ عملي زندگيءَ ۽ ملڪي سياست جو بيان هجي، دستور المعاش جو ڪتاب – علم اقتصاديات، علم سياست.

ـ **اَرْتُ ڪرڻ:** ڪم ڪرڻ – مراد پڄائڻ – مطلب سڌ ڪرڻ.

• **اَرْتاڪ ج اَرْتاڪون:** ٿ. اَرْتاڪ.

• **اَرْتاڪ ج اَرْتاڪون:** ٿ. ساک – شاهدي – گواهي، دستخط – شاهد جي نشاني يا صحيح.

• **اَرْتاءُ:** ذ. [سن. اَرْتَ + آءُ] مثال – نمونو، تصوير – تمثيل، جتائي – صفائي.

• **اَرْٿميٽيڪان:** ذ. [انگ. Arithmetic = حساب] انگ ڳڻڻو – ڪاٽ جو سيکڻ سان جوڪٽ جنهن ۾ رنگا رنگ گولا ڳڻڻ لاءِ هوندا آهن.

• **اَرْڙِي ج اَرْڙِيُون:** ٿ. [سن. رَڻ = رَڙ، گاڏي] هندن ۾ لاش کڻڻ لاءِ بانس جي ڪائين ۽ ڪانن مان ٺهيل ڊولي – ڪائي.

• **اَرْڻ ج اَرْڻ:** ذ. [سن. اَرْڳهتْ < اَرْ = چڪر جو ارو + گهتْ = قَرْقْ] اَيٽ – جرخو – نار. [سن. اَرْڏ = رهايش، گهر، ملڪ، هند] آڻ، جاءِ ـ گهر "گهرهيان سُور سفر جو، هلي پنهنجي ارٿ" (شاهه). ڏٺ جو هڪ قسم (ٿ).

• **اَرْڻڙي ج اَرْڻڙيُون:** ٿ. نَڻ جو هڪ پرزو.

• **اَرْڻِي ج اَرْڻِيُون:** ٿ. [سن. اَر گهتْ] ڪيهه ٽاڻڻ لاءِ اينڙي.

• **اَرْڻ، اَرْڻه:** ٿ. [سن. اَرْدَن = تڪليف، جوش، درد، هلاڪت] تڪليف – مشڪلاڻ، بار.

ـ **اَرْڻ رکڻ:** بار رکڻ – تڪليف ڏيڻ.

• **ارنڊ ج ارنڊون:** ٿ. انگل آرو – ناز نخرو.

• **اِرْڻ ج اِرْڻ:** ذ. [ع] ترڪو – ميراث – ورثو، موروثي ذات "ڪي ڪَهَ منهنجي ڪَفَ، اِرْث منجهاران ان جي" (شاهه).

• **اَرْپڻ:** مصدر. [سن. اَرْپڻ = آڇڻ، سپرد ڪرڻ] پيش ڪرڻ – حوالي ڪرڻ، سونهڻ – نذرانو رکڻ، پيتا ڪرڻ، بخش ڪرڻ، ڏيئي ڇڏڻ.

ـ **اَرْپڻ ڪرڻ:** ڪو ڪتاب ڪنهن ڏانهن منسوب ڪرڻ – تقديم ڪرڻ.

• **اَرْج:** ذ. [ف] قيمت، لياقت، شان – عزت – مان.

• **ارجا:** ٿ. وڏيڪ اميدواري.

• **اَرْجاسَپ:** اسم خاص [ف] افراسياب جو پوٽو (پهلواني ۾ ڪري مشهور).

ـ **اَرْجمَنْد:** ذ. صفت. اَمَل – عمدو – لياقت مند – نفيس – وڏيءَ قيمت وارو، پياروِ – محبوب.

ـ **اَرْجمَنْدي:** ٿ. سعادتمندي – لياقت.

• **اَرْجَل:** ذ. [ع] اُهو گهوڙو جنهن جو هڪڙو ڪر اڇو هجي (جو عيب سمجهيو ويندو آهي)، داڦڙ.

• **اَرْجَنُ:** ذ. [سن. اَرْجَ = فائدو] حاصلات – فائدو.

• **اَرْجُنْ:** اسم خاص. [سن. اَرْجَن = اڇو چاندي رنگ، جتو صاف] پانڊوءِ پائڙن مان هڪ جو نالو (پير، ڏريوڌن، ارجن، نڪل، سهديو) جو وڏو سورهيه ٿي گذريو آهي. سڪن هي پنجين گروءِ جو نالو (ارجن، سنگهه).

• **اَرْجَنْٽ:** صفت. [انگ. Urgent] بلڪل ضروري.

• **اَرْجَهُ (ل):** فعل مجهول. [سن. ورجْ = ورجڻ] ٽڪجڻ، گهٽي ڪر يا ٽڪاوٽ سبب سڌ ٻڌجي وڃڻ – ڪُڙجڻ، ڪڪ ٽيڻ – ورجي پوڻ.

ـ **اَرْجي پوڻ:** ٽڪجي پوڻ – ڪُڙجي پوڻ – ورجي پوڻ.

• **اَرْجَوان:** ذ. [ف] ارغوان – ڳاڙهو – واڱڻائي.

ـ **اَرْجواني:** ذ. صفت. ارغواني – ڳاڙهو رنگ.

• **اَرْجهَڻ:** مصدر. [سن. اُدْگرنث = ٻڌجي پوڻ] پلجڻ – پنپولجڻ، ڦاسجڻ – گمراهه ٽيڻ – مُنجهڻ – منجهي پوڻ "انڌا پيا اَرجهي، ڪايا مايا ڪل ۾" (سامي). بي سبب جهيڙو ڪرڻ، خيال ويڙهائڻ – دل من هٿڻ، پنڪيون ڪائڻ – جهوٽا ڪائڻ – ڏڏڻ (ڪ) – گهيرنجڻ.

ـ **اَرجهَ:** ٿ. گمراهي – مونجهه – مونجهارو. "سُرجهَ" جو ضد "سُرجها سي چٺجن، جن ڪيي اَرجهَ اندر مون" (سامي).

ـ **اَرجهو ج اَرجها:** ذ. صفت. اڙيل – قائل – گمراهه – مُنجهيل. "سُرجهو" جو ضد.

• **اَرْجِ:** ٿ. [سن. اَرْجِ = ناوٽندي] بچاڻ – نفرت، ٽُڪ ٽُڪ – ڪچي دل، بي سوادائي – عدم اشتها.

• **اِرْجِڪ مُرْجِڪ:** ٿ. هڪ بازاريءِ راند جا پهريان ٻه لفظ "اِرجِڪ مرجِڪ، ڏاڍا ڏرجِڪ، آگ پٽيهر، تويو ٽيهر، لوهو لاٽون، ڇنڊ

گهاٽائون، نانگڻ جوگڙ، ڪارا ڪتي، ٻڪي، هت جتي".

• **اَرَجَنْ**: ذ. اَٽڪ – رندڪ – روڪ – پڇڪڙي – ڪاپاري. تڪليف – ڏکيائي – مشڪلات.

• **اَرَجو ج اَرَجا (ڪ)**: ذ. صفت. ڏکيو. سَجو. ڏنڀيل (ٽ) اَرَجي ج اَرَجيون.

ـ **اَرَجي جوءُ**: ٽ. اهو هنڌ جتي گاهه چارو نه هجي يا گاهه اهڙو هجي جنهن جي کائڻ سان مال نه ڪير ڪري ۽ نه مٽارو ٽئي.

• **اَرَحَمُ**: صفت. [ع. "رَحيم" جو تفصيل] سڀ کان وڌيڪ مهربان يا رحم وارو.

ـ **اَرْحَمُ الرّاحِمينَ**: سڀني ٻاجهارن ۾ وڌيڪ ٻاجهارو (خدا تعالىٰ).

• **اَرْدَ ج اَرْدَهْ**: ذ. [تُرڪي. اَرْدو = لشڪر. چانوٽي] اڙد – لشڪر. ماڻهن جو انبوهه يا دنبلو. هٿيار بند سپاهي.

ـ **اَرْدابيگ**: ذ. فوجي ماڻهو ـ خاص خيل.

ـ **اَرْدابيگي**: ٽ. حرم ۾ انتظام رکندڙ ٻهريدار خادم يا ٻانهي "جت اچن نه اردابيگيون، ات ڪوٽايو اَمين" (شاه).

ـ **اَرْدائي**: ذ. صفت. اردابيگ.

• **اَرْدَ، اَرْدَهْ**: ٽ. هڪ قسم جي دال.

• **اَرْداس ج اَرْداسُون**: ٽ. [ع. عرض + ف. داشت: سن. اَرْث. اَرْدْ = عرض ڪرڻ + آس] التجا – سوال – عاجزي – عرض – گذارش – منٿ – نيزاري. پيتا – موڪا. نذرانو – هديو.

• **اَرْداس ڪَرڻ**: التجا ڪرڻ. عرض ڪرڻ – وينتي ڪرڻ. نذرانو رکڻ ـ هديو ڏيڻ.

• **اَرْداسَ**: مصدر. [ع. عرض + ف. داشت] التجا ڪرڻ – گذارش ڪرڻ – منٿ ڪرڻ – نيزاري ڪرڻ – وينتي ڪرڻ "ارداسيم عُمر ڪي، ويجهو ٿي وتانس" (شاه). پيتا ڪرڻ – نذرانو ڏيڻ – هديو ڏيڻ.

• **اَرْداسَ**: ٽ. [ع. ف. عرضداشت] چاڪري – غلامي – نوڪري.

• **اَرْدشير**: اسم خاص. ساساني گهراڻي جو پهريون شهنشاهه.

• **اِرْد گِرد**: ظرف. ["اِردْ" بي معنيٰ لفظ + ف. گِرد = چوڌاري] آسپاس – چوڦير – چوڌاري – چوگرد – گردونواح.

ـ **اِرْد گِرد ڦِرڻ**: چوڌاري ڦرڻ. ٻلهار وڃڻ – گهوري وڃڻ.

• **اَرْدلي**: ذ. [انگ. Orderly] پيش خدمت – پيشرو – حاضري، جو نوڪر – خدمتگار. سواري، سان گڏ هلندڙ.

ـ **اَردلي، ۾ هجڻ**: خدمت ۾ هجڻ – حاضري، ۾ هجڻ.

• **اَرْدُو**: ذ. [تُرڪي] چانوٽي – لشڪر. هڪ مخلوط ٻولي، جو ڪالهه (جڏهن هندستان ۾ شاهه جهان جي دور ۾ استعمال شروع لڳي) ـ لشڪري ٻولي.

ـ **اَرْدُو بازار**: ذ. سولجر بازار – صدر بازار – لشڪري بازار.

ـ **اُرْدوي مُعَلّيٰ**: ذ. شاهنشاهه جي چانوٽي. درباري اُردو. نهايت فصيح ۽ بليغ اردو ٻولي.

ـ **اَرْدو ڪَرڻ**: اَنڊ بَنڊ ڪري چڏڻ. ڦٽائي چڏڻ. داڻيان ڦاڻيان ڪري چڏڻ – نابود ڪرڻ.

• **اَرْدي بهشت**: ذ. [ف] ايراني سال جو ٻيو مهينو.

• **اَرْذَ اَرْذ، اَرْدَ اَرْدْ**: ذ. [سن. اَدَر = هيٺ + اَوَرْدَوَ = مٿي] هيٺاهين مٿانهين – نشيب و فراز "جو اَرْدَ اَرْدَ ٻڌي، مٿي ويلو من مون" (سامي).

• **اَرْذانگ**: ذ. [سن. اَرْذَ = اڌ + اَنگ = عضو] اڌ رنگ – فالج.

ـ **اَرْذانگي**: ذ. صفت. اڌ رنگي – مفلوج. ڪيرو. زال.

• **اَرْذو ج اَرْذا**: ذ. صفت. [سن. ١. اَرالَ = ڏنگو؛ ٢. اَمْرْدا = سخت؛ ٣. اَوْرْدَوَ = بلند. اُبو؛ ٤. اَرْدَ – و = ايذائڻ. تڪليف ڏيڻ. ڏک هڻڻ. عذاب ڏيڻ. ڪُهڻ. مارڻ؛ ٥. اَرْدْنْ = ايذاء ڏيندڙ. ڏکوئيندڙ. عذاب ڏيندڙ ڪهندڙ] اڙٻنگ – اهنڌ – اٿاٻو. ڏکيو – زوراور – شوخ – ضدي – ڪرڙو – ڪهرو – لاپرواهه – مغرور "عشق اصل ڪان اردو آهي، گهيڙ انهيءَ ۾ گهڙندو ڪير."

ـ **اَرْذائي ج اَرْذايُون، اَرْذائيون**: ٽ. آڪڙ – اهنڌائي – تندي – تيزي. ذاڏائي – ڏنگائي – ريڌائي – زبردستي – زوراوري – ڪرڙائي.

ـ **اَرْذايُون ڪرڻ**: ذاڏايون ڪرڻ – ڏنگايون ڪرڻ – ظلم ڪرڻ "اُهِي اردايون ڪري، ماڳ هنيو مستان" (شاه).

• **اَرْزَ ج اَرْزُون**: ٽ. [سن. اَجَگْر = وڏو. ٻڪري ڪائيندڙ نانگ بلا] وڏي – زبردست.

• **اَرْزُ ج اَرْزَ**: ذ. [سن. اَجَگْر = وڏو] اجگر بلا – ارڙ بلا – ازدها – دمڙ – وڏو نانگ. (صفت) پيٽي – جديو – ڏرو – ڪائر. حريص – لالچي – لوبي. آڌاهه – ٻڪ – تمام وڏو (جوار). زبردست – حرفتو – چالاڪ – چالباز – مڪار – هوشيار.

• **اَرْمُرْ** (ٽ): ٽ. مروڙ سروڙ – ٻڪر ٻوسات.

• **اَرْمُرْ ڪرڻ**: ٻڪر ٻوسات ڪرڻ – زوري، مجائڻ – ڪرمُرو ڪرڻ – مروڙڻ سروڙڻ. وٽ سٽ ڏيڻ – ور وڪڙ ڏيڻ – هڪ جي ٻي ڪرڻ.

• **اَررو ج اَررا (ل)**: ذ. [سن. اَرالَ = ڏنگو] ٻکيڙو – ڦڏو – جهيڙو – ضد. (صفت) اَرڙو – ڏاڍو – ڏنگو – زوراور – ڪرڙو.

ـ **اَرْڙائي ج اَرْڙايُون**: ٽ. ارڏائي – ڦڏائي.

ـ **اَرْڙو ٻڌڻ**: اجايو ضد ڪرڻ – ڦڏو وجهڻ – تڪرار ڪرڻ – جهڳڙو ڪرڻ.

ـ **اَرْڙو ڪرڻ**: ڦڏو ٻڌڻ – زبردستي ڪرڻ – زوراوري ڪرڻ. اڙي ٻڌڻ.

ـ **اَرْڙِي ج اَرْڙي**: صفت. اردو – ارڙو – ڦڏائي. ڦوٽي باز.

• **ارڙهن:** صفت. ڏهن ۽ اڻ جو عدد (۱۸).

• **ارزان:** صفت. [ف] سستو – سهانگو. گهٽ ملهه وارو "پاڻي پوڄ پٽن ۾ ارزان ان کريح" (شاهه).

• **اَرْزانِي ج اَرْزانِيون:** ث. [ف. اَرزاني] سستائي – سهانگائي.

• **اَرْزِش:** ث. [ف] قيمت. لياقت.

• **ارزق:** صفت. [ع] شيرو – نيرو (رنگ).

• **ارذل:** صفت. [ع] نهايت رذيل – ڪميڻو. ڪيريل.

• **ارزن بار:** ذ. گل جو هڪ قسم.

• **اَرْژَنگ:** اسر خاص. هڪ مشهور ۽ نبوّت جي دعويٰ ڪندڙ ايراني نقاش "مانيءَ" جو گهر. ايراني نقاش "مانيءَ" جي پيانت پينت جي گلن ۽ نقاشيءَ وارو ڪتاب (جنهن بابت دعويٰ ٿي ڪيائين تہ ملائڪن کان مليو اٿس). مازندران جي هڪ ديو جو نالو (جنهن کي رستم پهلوان ماريو). نقاش خانو – نگارخانو. هڪ چيني بت ڪدهه يا مندر.

• **اَرَسُ ج اَرَس:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رَسَ = رَسُ. يعني، بنا رَسَ جي] بي مزي – ڦڪو – ڪچو.

• **اَرَس ج اَرَسُون:** ث. گاڏيءَ جي ڏري – سَرائي. آرسي (ل) – ايس. ڪاني.

• **اَرَسُ ج اَرَس:** ذ. [سن. اَدْرَش] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي.

• **اِرْسال:** ذ. [ع] خط يا شيءِ جي روانگي. موڪلڻ.

– **اِرْسالِ خِدْمَت:** خدمت ۾ موڪلڻ.

– **اِرْسالِ عَرْض:** ذ. پيسن جمع ڪرائڻ بابت پيسن سان گڏ موڪليل خط – چالان.

– **اِرْسالِ نامو ج اِرْسالِ نامه:** ذ. پيڪ.

• **اَرْس پُرْس:** ث. [هـ. اَرْش پَرْش < سن. سُپَرْش = ڇهڻ] ناپاڪ شيءِ ڪي ڇهڻ سبب آلودگي يا پليدي – ڇوت – ناپاڪي. ٻُڪري سنان.

• **اَرَسْطاطالِيسُ، اَرَسْطُو:** اسر خاص. يونان جو مشهور فيلسوف. افلاطون جو شاگرد ۽ سڪندر اعظم جو اُستاد. جنهن کي مسلمان فيلسوف اَلْمُعَلِّمُ الاوّل (پهريون استاد) ڪري مڃين (وفات ۳۸٤ ق. م).

• **اَرْسَلان:** ذ. [ترڪي] شينهن.

• **اَرْسُو (ذ) اَرْسي:** ث. [هـ. هُرسا: سن. گهَرْش = گهَڙ] مرڇ مصالحي پيهڻ لاءِ هڪ لسو پٿر. جندن گهَڙ لاءِ پٿر يا روهي.

• **اَرْسُونگا:** ذ. [سن. اَرْش = اَره] اَره – پستان "ارسونگا نهه سپيان. ڏند تہ پتيهه جاڻ" (رسالو. سَرَ ڏول مارئي).

• **اَرْسيلو:** صفت. [سن. اَلَس] آرسي – سست.

– **اَرْسَيلائيڊ:** خماريل اکيون.

• **اَرْش ج اَروش:** ذ. [ع] اڻ بڻت – جهيڑو – ناموافقت. چيٽا پور – فتنو انگيزي. خون بها – ديت.

• **اِرْشادُ ج اِرْشاد:** ذ. [ع] امر – حڪم – فرمان. اُستاد يا بزرگ جو فرمودو. هدايت.

• **اَرْشَدُ ج اَرْشَد:** ذ. صفت. [ع. "رشيد" جو تفصيل] سڀ کان وڌيڪ رشيد يا هدايت وارو – صالح – نيڪ – نيڪوڪار.

• **اَرْشِميدِس:** اسر خاص. [يوناني. آرڪميديز] سيراڪيوز (يونان) جي باشندي فيديياس جو پٽ. علم جرثقيل جو وڏو ماهر. اجرام فلڪي جي حرڪت کي آماڻيءَ سان سمجهڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي ڪَلَ جو موجد. ڪتاب "اصوا ارشميدس" جو مصنّف ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏن رياضي دانن مان هڪ رياضي دان. حڪيم ۽ نجومي.

• **اَرْض:** ث. [ع. اَرْض ج اَراضي] يون ۽ ڏرتي – زمين.

– **اَرْضَ وَسَماوات:** ذ. زمين ۽ آسمان.

– **اَرْضي:** صفت. ڏرتيءَ جو – زمين جو.

• **اَرْغَج ج اَرْغَج:** ذ. [هـ. اَرْگَجا] هڪ عطر جو نالو (جو پيليري رنگ جو ٿيندو آهي ۽ منجهس ڪيترين ئي سرهاڻيون مرڪب هوندين آهن) "بانَدوتا ٻنِ ڏيان، ارغج ۽ عَبير" (شاهه). [ترڪي. ن. ارغاج، ارغاچ = ڏاڪو، پيتو] پيتو – سُٽ.

– **اَرْغَجي:** ذ. ڏڪهو نوڙ يا ڏاڪو.

• **اَرْغَج:** ث. [ف] وڻ ويڙهي.

• **اَرْغَنَ، اَرْغَنُون:** ذ. [يوناني] افلاطون جي ايجاد ڪيل واڄي جو هڪ قسم – آرگن – پيانو.

• **اَرْغَنَج:** ذ. [ف] ڏڪهو ڏاڪو.

• **اَرْغَوانُ ج اَرْغَوان:** ذ. [ف] وڻ جو هڪ قسم – ڳاڙهو سهڻا گل ۽ ميوا جهليندڙ وڻ.

– **اَرْغَواني:** ذ. صفت. سُرخ – ڪرمچي – لال.

• **اَرْغُونُ ج اَرْغُون:** اسر خاص. وچ ايشيا جو هڪ ترڪي قبيلو. سنڌ جو هڪ حاڪر گهراڻو (جنهن جي سردار شاهه بيگ ارغون سن ۹۲۷هـ ۾ سمن جي پوئين بادشاهه جام فيروز کان سنڌ جي حڪومت کسي).

• **اِرْفاه:** ذ. [ع] آسودگي – رفاهت.

• **اَرْفَخْشَذ:** اسر خاص. [ع] هڪ ايراني پيغمبر جو نالو.

• **اَرْفَعُ ج اَرْفَع:** ذ. صفت. [ع. "رفيع" جو تفضيل = وڌيڪ اوجو] اعليٰ – بلند – نهايت مڃانهون.

• **اَرْفيتُ:** ذ. [ع. عَرَفَ = سڃاڻڻ. پروڙ] خيال. ساروڻي – سانپر – گوڪ – يادگيري. افريت – اِفريد (ت).

ـ **اَرْفيتُ لَهڻ:** اِفريد يا اِفريت لهي وڃڻ – خيال تان لهڻ – دل تان اُتري وڃڻ – وسري وڃڻ – يادگيري لهي وڃڻ.

• **اَرَڏ:** ذ. [ع] اُوجاڳو – بي خوابي.

• **اِرْقامَ ج اِرْقامَ:** ذ. [ع] لکيت.

• **اَرْقانُ:** ذ. [ع. "يَرْقان" جي بگڙيل صورت] يرقان – سائيءَ جي بيماري – کامَڻ رتي.، سَرو. مُهلو.

• **اَرْڪ ج اَرْڪ:** ذ. [سن. اَرْڪ] شعاع – ڪرڻو – وڃ جو چمڪات. سج. ٻلور. تامو. اندر ديوتا جو هڪ نالو اُرتوار. اُڪ جو وڻ. مذهبي ڪريا ڪرم. ٿنا – ساراه ـ گيت. راڳيندڙ – گائڻو. عالم شخص. وڏو پاڻ. ڪاڄ.

• **اِرْڪ ج اِرْڪُون:** ٿ. [سن. اَرَنْٹَکَ = ٿونڊ < اَرَنْ = ٿونڊ. ڪُنڊ. وڇري چاڙهي. ٿونڊ کان ڇيڇ جي چوٽيءَ تائين وڇوٽي. گوشو يا مُک] ٿونڊ – ٿونڊ کان ڪرائيءَ تائين ٻانهن جو پاڳو. ڏوڪ ڏوڪان. انڪ – اَڏ – جهل – رندڪ – روڪ

ـ **اِرْڪ ڏيڻ:** ٿونڊ ڏيڻ – ڪوڙا بجاءِ ڪرڻ – ڪوڙا عذر پيش ڪرڻ. آڙا گوڙي ڪرڻ – اڙي وڃڻ.

ـ **اِرْڪ ڏيئي ويهڻ:** ٿونڊ پر ويهڻ.

ـ **اِرْڪ هڻڻ:** چالاکي ڪرڻ – نقصان پهچائڻ. پچڪڙي وڃڻ – ڦڙتي هڻڻ. شاهو ڏيڻ – هشي ڏيڻ.

ـ **اِرْڪي ج اِرْڪيُون (ٿ):** ٿ. اِرْڪ

ـ **اَرڪَنْ:** مصدر. [سن. اَد = مٿي + ڪَر = ڪرڪائڻ] منهن مٿي ڪري وات ۾ پاڻي يا کير هاري پيئڻ – ڳٽ ڳٽ ڪري پيئڻ.

ـ **اَرْڪُ ج اَرْڪُون:** ٿ. پاڻيءَ يا کير جي يڪساهي ڳيت – ٽڪ. ڦڙي – ڦنگ – ڏک – مرڪ

ـ **اَرڪُ ڇَڏَنْ:** سڪٽو ٽيڻ. ٻکيو هڻڻ.

• **اَرْڪ سَرْڪ:** ٿ. سَرڪ – سَرڪي – مرڪ (ٿ) "اَرڪ سرڪ. سيد ڇئي. لڳيس ڏوت ڏهي" (شاهه).

• **اَرْڪَاتِي ج اَرْڪَاتِي:** ذ. ناڪئو – بَيون (دنگيءَ جو). جهاز جو سونهون يا مَعلم.

• **اَرْڪَانُ ج اَرْڪَانَ:** ذ. [ع. رُكْن ج اَرْكان = ٿنيو] ٿنيو – پُشتي – جهلاءِ. عادت – فضيلت. ٽيڻ. ديني مسئلن جا بنيادي اصول.

• **ارڪان:** ذ. ديني مسئلن جا بنيادي اصول.

• **ارڪان حج:** ذ. حج جا اصول ۽ مناسڪ.

ـ **اَرْڪانِ دَوْلَتَ:** ذ. حڪومت جا ٿنيا. امير اُمراءَ.

ـ **اَرْڪانِ دين:** ذ. دين جا ٿنيا جي پنج آهن (۱) توحيد ۽ رسالت. (۲) صلاة يا نماز. (۳) صَوْم يا روزو. (٤) زڪوات. (٥) حج.

• **ارڪان نماز:** ذ. نماز جا اصول.

• **اَرْڪوڙَڪو ج اَرْڪا ڙَڪا:** ذ. [ع. ڙَڪَةَ = ورٽو] ورٽو ترڪو. اڏو تڏو – اَلهو ٽلهو – ٽپڙ ٽاڙي – سموري ملڪيت – ميڙي جونڊي – هرڪو ترڪو (ت) – سيڪجهه.

– **اَرْڪو ڙَڪو چَڏَنْ:** سڀ مال ملڪيت چڏڻ.

• **اَرَڪ:** ظرف. [سن. ١. اَ = نہ + رَكْش = رکڻ. سنيالڻ؛ ٢. اَرَک > اَرَگ > اَلگ = اَ = نہ + لَگ = لڳائڻ. چنبڙائڻ؛ ٣. اَلگَنَ = الڳ ڳنڍيل] نہ سنيالڻ جهڙو – قبضي کان ٻاهر. الڳ – جدا "اَرَک ٿيو آرام. ڪاڪل پسي ڪانڌ جو" (شاهه).

• **اَرَک:** اَرَک: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رَكْش = رکڻ. سنيالڻ > رَكْشَكَ = الڳ رکيا ڪندڙ. نہ سنيالينڊڙ] رکيا نہ ڪندڙ – نا پرهيزگار. نہ رکندڙ – نہ رهائيندڙ يا بي وفا. بي خبر – غافل – غائب. ختم. "احدان جي ارک ٽيا. سي ڪانئر ڪيا ڪاهه" (شاهه).

• **اَرْڪَرِ ج اَرْڪَرون (ت):** ٿ. اَنڌ ماندَ – چورا ڪورا – خيال – هَر ڪر.

• **اَرْڪَنْ اَلڪَنْ:** مصدر. [سن. اَبَلَكْشَنَ = جاڄي ڏسڻ] پرکڻ – جاچڻ – سڃاڻڻ – واقف ٿيڻ.

– **اَرْكَ ج اَرْكون:** ٿ. اَلک – پرک. جاچ – سڃاڻ – واقفيت.

– **اَرْكائڻ:** مصدر. "اَرکڻ" مان متعدي بالواسطه. اَلکائڻ – پرکائڻ. جاڻائڻ – سڃارائڻ.

• **ارڪڻين:** صفت. ارڪانين – ارڪانن ۾. عادتن مطابق. افعالين "هڻين پيرين ارڪڻين، منهن نہ مهاڻي" (شاهه).

• **اَرْگَ ج اَرْگ:** ذ. [سن. اَرْگهَ. اَرَهَ = ملهه لهڻ. لائق ٿيڻ] قيمت – لياقت – ملهه. انن جزن جي ادبائتي پيٽا ڪنهن ديوتا يا برهمڻ اڳيان. پوڄا پاٺ وقت (سج. چند) ديوتا جي شان ۾ پاڻي هارڻ جي رسم.

• **اَرْگ ج اَرْگ:** ذ. [سن. اَرَسْ = چاتي + گُرْ = هلڻ] نانگ جو هڪ قسم.

• **ارگ. اگر:** ذ. ڪارا ڍڳها وار "جب ڳوري گهٽا ڪري، اونها ارگ اگر" (شير خان چانڊيو).

• **اَرْگانو ج اَرْگانا:** ذ. صفت. [ف. يگانه] پيارو – دادلو – سڪيلڏو – لاڏلو.

• **اَرْگَتْ ج اَرْگَتْ (ت):** ذ. ڪاٺ يا لوهه کي گسائي صاف ڪرڻ لاءِ رڪ جو ننڍن ڏندانن وارو ڪهرو اوزار – روات – سونهڻ.

• **ارگجا:** عرق. عطر.

• **ارگڇو ارگڇو:** ذ. هڪ قسم جي سرهاڻ (جيڪا صندل. گلاب. ڪافور. مشڪ. عنبر ۽ گيهه مان ٺهي ۽ "زرد رنگ" جو ٿئي).

• **اَرْگَجِيْنِي ج اَرْگ جِيْنِيوْن:** ث. [ف. عَرَق جين = پگ يا پتڪي کي پگهر کان بچائڻ لاءِ نندي توپي يا رومال] توپيءَ جو هڪ قسم. دالجيني، جو ارگ (عرق).

• **اَرْگر:** ث. [سن. گرهيه = گرو] ڪن ڪچرو – گند بلا – ميرانُ سيران.

• **اَرْگَن ج اَرْگَن:** ذ. [يوناني. آرگنان: انگ. Organ] افلاطون جو ايجاد ڪيل هڪ ساز – ارغنون.

• **اَرْگَنِي ج اَرْگنيون:** ث. [ع] رسي يا نوڙي جنهن تي ڪپڙا سڪائجن. سڻڻ بانس يا ڪاٺ جي لٺ.

• **اَرْگو ج اَرْگا (ث):** ظرف. [سن. اَگْري. اَگرٿ] اڳهين ـ اڳتي. پر پهرين. پري.

• **ارگول:** گول ءِ سهڻا "ٻڌسر ٻيني بَن رهي. وچ گوهر ارگول" (جلال ڪتي).

• **اَرْگنُون ج اَرْگنُوں:** ذ. [يوناني. ارگنان] ارغنون.

• **اَرْگ ج اَرْگَون:** ث. ڦر ڪي سولو نه ڏارائيندڙ – چتي مزاج واري ڇوڪري يا ڇوڪرو. "مُرگ" جو ضد. الڳ. جدا. ختم.

• **اَرْگَ ج اَرْ** ع. عَرَق = پگهر. چڪايل پاڻي] (دوائن جو) ست – عرق – نچوڙ.

• **ارگ:** ظرف. الڳ – جدا – ڌار – سڀ "آرامارگ ٿيا لوڏا آرام" (شاهه).

• **ارگ ڪرڻ:** بيمار ڪرڻ "ارمرو ارگ ڪري، جنهنجي بات ٻُري" (قطب شاهه).

• **اَرْگجو ج اَرْگجا:** ذ. [هـ. اَرْگجا] خوشبوءُ جو هڪ قسم.

• **اَرْگو ج اَرْگا (ڪ):** ذ. حملو ڪاهه. ڪٽڪ – ميڙ. وارو.

• **اَرْگهُ ج اَرْگهَ:** ذ. "اَرْگ".

• **اَرْگها:** ذ. [سن. اَرْگهيه] نندو پيڙيءَ جي شڪل جو ٿانءُ جنهن سان هندو پيتا "پندا" آهن.

• **اَرَلَ ج اَرَلُون:** ث. [سن. اَرْگَلَ. اَرْگَل = اٽڪ] تاهڙ ءِ ڏنگي مال کي جنگهن ۾ سزا طور ٻڌل ڏگهي ڪاني. آڏ – آڙ – روڪ (درجي) تاڙي. چوپائي مال کي سجاڻڻ جو هڪ نشان (ث).

• **اَرَلُ ج اَرَلْ (ث):** ذ. ڏگهو ماڻهو.

• **اَرْلُو ج اَرْلا:** ڀينگو – هُرلو. اَيٽ – چرخو. شڪاري پکيءِ جو هڪ قسم.

• **اَرْلِي ج اَرْلِيُون:** ث. [سن. اَرْگَل = اٽڪ] مال جي پاڙ يا واڙ جي دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي تاڙي. واڙ يا نوڙ وٽ وقت بن بن سنهين نوڙين کي رکڻ جاڙهڻ لاءِ ڪمر ايندڙ اِتيءِ وانگر ءِ وچ تان ڪُب نڪتل ٽلهي ڪاني – آڙيرو.

.. **اَرْلِيُون ڏيڻ:** ڇوپائي مال کي پاڙ ۾ بند ڪرڻ – مال واڙڻ.

.. **اَرْلِيُون لاهڻ:** ڇوپائي مال کي پاڙ مان ٻاهر ڪڍڻ – مال چرڻ – مال پهرائڻ.

• **اَرَمُ، اِرَمُ:** ذ. [ف. اَرمَك = هڪ پشمي ڪپڙو] ريشمي يا اوني ڪپڙي جو هڪ قسم "اَرَمَ هڏ نه اوڍيان، پٽولا، پٽ چير" (شاهه).

• **اِرَمُ:** اسم خاص. [ع] صَنْعاءِ ۽ حَضْرَموت جي وچ ۾ "شدّاد بن عاد" جو ٺهرايل ارضي بهشت. عاد جي ٺهرايل ٽنهين واري شهر جو نالو. اِرَمَ ذَاتِ الْعِماد" (قرآن حڪيم).

• **اَرْمان ج اَرْمانَ:** ذ. [ف] افسوس – ڏک – رنج – غم – آرزو – چاهه – خواهش – دل – مرضي.

.. **اَرْمان ٽيڻ:** افسوس ٽيڻ – ڏک ٽيڻ.

.. **ارمان پُورو ٽيڻ:** دل جي حسرت پوري ٽيڻ.

.. **اَرمانجَڻ:** فعل مجهول. افسوس ڪرڻ – ڏکوئجڻ – غمگين ٽيڻ.

.. **ارمان ڪيڻ:** ڏک ظاهر ڪرڻ.

.. **اَرمانيل ج اَرمانيل:** ذ. صفت. ڏکويل. غمگين.

• **اَرمانُ:** مصدر. ڏک ڏيڻ – رنجيده ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ "ڪارا ڪيس ڪتوريءِ جهڙا، اَرمانُين عنبر ڪي".

• **ارمرو:** ذ. غالبا هر مرو" (هڪ ٻوٽي جو بيج جنهن جو واس ڏوب ڪن") "ارمرو ارگ ڪري، جنهن جي بات بري" (قطب شاهه).

• **اَرْمَرُو ج اَرْمُوا (ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **اَرْمغَانُ، اَرْمُغَانُ ج اَرمغان:** ذ. [ف] تحفو – سوغات – سُوکڙي. عجيب شيءِ. نئين نموني جي چيز.

• **اَرْمَقُ ج اَرمَق:** ذ. [ج. اَرمَك = پشمي ڪپڙو] اوني يا ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم. "اَرمَقَ هڏ نه اوڍيان، پٽولا، پٽ چير" (شاهه).

• **اَرمَكُ ج اَرمَك:** ذ. اَرمَقُ.

• **اَرْمَلُ ج اَرْمَل:** ذ. [ع] رنڊ.

• **اَرْمَلَه:** ث. [ع] سيوءِ ـ رن زال – وڏوا.

• **اَرْمَنُ:** اسم خاص. آرمينيا ملڪ جو نالو.

.. **اَرْمَنِي ج اَرْمَنِي:** ذ. اَرمن جو رهاڪو.

• **ارمو:** ذ. ململ جي ڪپڙي تي سنهون بخيو – اولمو.

• **اَرْموش ج اَرْموش:** ذ. تيرهن چوڏهن ورهين جي جمار جو اٽ ("نيش" اٽن ورهين جي اٽ کي چئبو آهي، نيش ٽيڻ کان پوءِ پنجن ورهين جو اٽ) – عمر چڙهيل اٽ.

• **اِرْميا:** اسم خاص. [بائيبل. جيريميا] حضرت خضر جو نالو (ڪن حضرت الياس جو به نالو لکيو آهي). حضرت علي. يروشلم.

• **اَرنَ ج اَرنَ:** ذ. [سن. اَرَنَ = چڪرو] چڪرو – گراڙي.

• **اَرنَه وَرنَ:** ذ. سيج "آڏت وَرن سج رپن خوڙسيد بانا بانرارن آفتاب" (ڏهس).

• **ارنا:** ذ. گل جو هڪ قسم "ارنا آسا آڙما. عاجز املداس" (جائو چارڻ).

• **اَرَنْ:** مصدر. [سن. ورچ] اَرهڻ – ٽڪجڻ. ڦٽڻ (ڪاب شيءِ). اَورڻ. ڪاٽڻ (ل). جلدي جلدي ڦَڪ هڻڻ (ڪ).

• **اَرَنَب ج اَرْنَبَ:** [ع. اَرْنَب ج اَرانب] خرگوش – سهو.

• **اَرَنگ:** ذ. [سن. اَرْكه] سج ٽيريو اَرنگ. جرثر ڏيا جهيبا" (شاه).

• **اَرَنگُ ج اَرَنْگ (ل):** ظرف. اصل – بلڪل – بنهه – صفا. (ذ) گهوڙي جي مرض جو هڪ قسم.

• **اَرَنگَر ج اَرَنگَر:** ذ. [سن. اَرَنگ = اَرَسْ = جاتي + گَرْ = هلڻ] نانگ – بلا. اَرگ.

• **اَرَنِشو ج اَرَنِشا:** ذ. [سن. اَرَنِيه = بريت. ٻيلو] بريت – بن – بيابان – صحرا – ويرانو. جهنگ.

• **اَرِني ج اَرِني:** ذ. [سن. اَرَنِي] هڪ گل جو نالو. چندن وڻ جون ڪاٺيون جن کي گساڻي باهه ڪڍيبي آهي. ٻوٽي جو هڪ قسم – نانڪارو.

• **اَرِني:** جملو. [ع. = "مون کي ڏيکار"] حضرت موسيٰ جو خدا پاڪ کي پنهنجي ديدار ڪرائڻ لاءِ قرآن شريف ۾ جيل عرض "رَبِّ اَرِنِي اَنْظُرْ اِلَيْكَ" (يا ربّ، مونکي پاڻ ڏيکار تہ توڏي نهاريان) جو مخلف الله تعالىٰ جواب ڏنس تہ "لَنْ تَرانِي" (تون مونکي هرگز نہ ڏسندين).

• **اَرِني ڪاري ج اَرِنِيُون ڪارِيُون:** ث. [هـ. اَرْنِي = جهنگلي ميڙهن] صفا ڪاري ميڙهن.

• **اَرَنِياري قري (ث):** اسم خاص. هڪ وڏيءِ پٽ جو نالو. ٻني.

• **اَرَنْڊ ج اَرَنْڊُن:** ث. سنداڻ.

• **اَرَنْڊ ج اَرڊ:** ذ. [سن. اَرن = ڦيٽو] ڦيٽو – چڪر. آيت – چرخو. [سن. اَرْڊ = جنگ جو گوڙ] جند ٻيهڻ جو لاڀيتو آواز.

• **اَرَنْڊِي ج اَرَنْڊِيُون:** ث. [سن. اَرَنْڊِي] هڪ قسم جو ٻوٽو (جو چار پنج فوٽ ڪن ڏکهو ٿئي). نانڪارو. (ث) اَرني.

• **اَرو ج اَرا:** ذ. [سن. اَرَه] ڦيٽي جو ٽانبو – نار جي چڪر جو ڏندو. پيچ – وڪڙ. ڦيرو – گهمرو – ولو (ڪ) "اڄ اڇي پيس اوجتي. ڪنهن اڄل جي هيڻان اَري" (رمضان ڪنبر). [ف. اَرَه] ڪاريگر – ڪرت. ٻڍ – تازو توانو – متارو – نمرو (ت).

– **اَرا اَلوڙي ڇڏڻ:** لڇڪائي ناس ڪرڻ.

– **اَرَن ڪان ڳڏڻ:** بيڪار ٻڌائڻ – ياڙڻون پٽڻ – ڪاري خراب ڪرڻ – وٽڻون وڃائڻ. مٽي تي جاڙهڻ (ت).

– **اَرَنڻون نڪرڻ:** هوش حواس وڃائڻ.

– **اَري تَرِيو ج اَري تَرِيا:** ذ. صفت. بد بخت – بد نصيب – جنبو – بحس.

– **اَري ۽ اَجهُ:** ڪنهن وٽڙيا مصيبت ۾ ڦاسڻ.

• **اَرَو:** ذ. [اَ = نہ + رو = درياءَ جي وهڪ. درياءَ جي پاڻيءِ جو چڊيل زهه] اريجائي خشڪ زمين – اريج واري زمين. خشڪي.

– **اَرو ڏيڻ:** زمين کي ساهي ڏيڻ. پاسو. گهمرو يا ولو ڏيڻ. اڳ جهلڻ – ڦري اڳ وٺڻ.

• **اَرواح ج اَرواحَ:** ذ. [ع. روح ج اَرواح. سنڌيءِ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ] روح "پسي جهانءِ جهجهي هنيون. آرمٽي ارواح" (شاه). طب جي اصطلاح موجب ارواح تن قسمن جا آهن (۱) روح حيواني. (۲) روح نفساني. (۳) روح طبعي. حياتي – دم – ساهه. خواهش – خيال. اشتها – سڪ.

• **اَرواح پلجي وڃڻ:** آسرو پلجي وڃڻ. دل ڪچي وڃڻ. سڌ مري وڃڻ.

– **اَرواح جي آري:** جملو. آرزو جي آسري – سڪ جي سانگي "تن وڏائين تار ۾، ارواح جي آري" (شاه).

– **اَرواحِ خَبيثَه:** ذ. خبيث روحَ يعني جن. ديو يا دوزخين جا روح.

– **اَرواحِ طَيِّبَه:** ذ. ڀڳا يا ڀُڳل روح. ملائڪ.

– **اَرواح ڪچي وڃڻ:** دل نهي وڃڻ.

• **اَرواحُ وَرَڻ:** دل جو خيال ٽيڻ – روح جو ريلو ڏيڻ. سڌ ٽيڻ – سڪ جاڳڻ – ڪشش ٽيڻ – مرضي ٽيڻ.

• **اَروار:** ظرف. [سن. آوار = هن پر] اوراڙ – اورئين ڪپر – اورين ڪنڊيءِ – هن پر.

– **اَروارپار:** ظرف. هن پر ۽ هُن پر – اوراڙ پراڙ "ساري جڙهيو سير تي، اَروار پار ٻيٽي" (سامي). اوڙي پاڙي – اڀائي گهرين.

• **اَروٽ ج اَروٽُن:** ث. (اڪين جو) انتظار – اوڪاس – سڪ واري نگاهه اوجاڳو.

• **اَروٽ ج اَروٽ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَلْشْتَ = پڪل] خام – ڪچو. الڙ – اڻ آزمود گار – نا تجربه ڪار – ناواقف "ايا تون اروٽ، ڪوڙي خبر نہ لهين" (شاه).

• **اَروٽ ج اَروٽُن:** ث. [سن. آرْدرتا] آلاڻ – نمي "جنين رءِ جهان ۾، اڪثرين اَروٽ" (شاه). آلوٽ – خشڪي – سُڪلائي.

• **اَروٽُ ج اَروٽَه:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رسْ = يعني خشڪ] خشڪ مزاج – رکو روکو – شوم – ڪهرو – نامهربان. اَروٽَه.

• **اَروٽو:** ث. مينهن نہ پوڻ جي حالت. اڻ وس – ارڻ – خشڪ سالي – اٽوٽ "جنين ريءِ جهان ۾، اڪثرين اروٽ" (شاه).

• **اَرُوپ ج اَرُوپ:** صفت. [سن. اَ = نہ + روپ = شڪل] بنا روپ جي – بنا شڪل جي – نر آڪار.

• **اَروچ ج اَروچ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رُدْ = روڙڻ] بنا روڄ جي. بي سمجهه (بانو).

• **اروڇي ج اروڇي:** صفت. [اَ = نہ + رو (ف) = پائڻ، جي وهڪ' ف. ريج > ريزش = وهڪ] اَريجي – بي ريجائتي – خشڪ – دريا جي رَهَ نہ چڙهيل (زمين). ٿوٽ – سُڪل – غيرآباد (زمين) "تمر گهر جي نينهن جو. آهيان آءٌ اَروڇي" (شاهه).

• **اروڇِ پروڇِ (ل):** ظرف. جتي ڪٿي – هرجڳهه – هرهنڌ.

• **ا روز:** "اَروڙ" شهر. (اصطلاح) هتان جو پراهون ماڻڪ – پراهين منزل "سي آديسي ا روز، اورانگهي اڳي وڃا" (لطف قادري).

• **اَروڙا:** اسم خاص. هندن ۾ مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو.

• **اَروڙ ج اَروڙون:** ث. صفت. بي گناهه – معصوم "آنديئي جا اَروڙ، تنهن بنديائي، بدا ڏيين" (شاهه).

• **اَروڙ ج اَروڙون:** ث. [سن. اَڳَرُ = وڏو نانگ جو ٻڪري ڪهي وڃي] اڳر – اَرڙ نانگ – ازدها – دمڻ. وڏي خوفناڪ بلا.

• **اَروڙ:** اسم خاص. [ف. رُوْدْ (= درياهه) > ع. الرود > الرور: (سندي اڀار=) اروڙ. الور] قبل از اسلام سنڌ ملڪ جو تخت‌گاهه – الور يا اروڙ جو قديم شهر، جنهن جا کنڊرات روهڙي، کان پنج ميل ڏکڻ اوير طرف. اپرندي ناري (= هاکڙو) لڳ ۽ قديم وقت جي درياءَ جي پيٽ جي مٽان موجود آهن "هاڪ ر هندو هاکڙو، پچندي پنڌ اروڙ" (ماموين جا بيت). اروڙ جو نندڙو ڳوٺ جو قديم شهر اروڙ واري، جاءِ تي موجود آهي. هڪ ذات جو نالو. روهڙي تعلقي جي هڪ ديهه جو نالو.

• **اَروڙ وَنسي:** اسم خاص. سنڌ جي اروڙ حصي جي رهاڪن هندن جي اولاد مان، پنجاب ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَروڙ ج اَروڙ:** ذ. انبار – ڍڳ – ڍير – کوڙ. پکين يا چوپايين يا ماڻهن جو گهاٽ.

• **اَروڙا:** اسم خاص. اڪثر حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ رهندڙ هڪ هندو ذات جو نالو.

• **اَروڙَڻ:** مصدر. تبي ڳاڙهو ٿيڻ – کاوڙڻ – کوب ٿيڻ. ڏسو "اَروڙَڻُ".

• **اَروڙي ج اَروڙيون:** ث. بدي – برائي – خرابي – رکار. ٻيائي – دوئي – غيرت – ڪيٽ "ڪيي اروڙي، ته سکي ٽئي سامي جئي" (سامي). ڪن ڪچري جو ڍڳ – چيڻ يا گند جو ڍير (ملتاني). ڍب. ڪتي يا گدڙ جي وڏي اونائي.

• **اَروڙي ج اَروڙيون:** ث. اَرڙي: (ماتا جي بيماري، جو هڪ قسم) – لاکڙو – نندي ماتا.

• **اَروسو ج اَروسا:** ذ. [سن. اَتْرش: ف. اَروسا] هڪ ٻوٽي جو نالو – ڪنگهه وغيره لاءِ دوا طور ڪم اينڊڙ هڪ ٻوٽي، جا ساوا ٻن.

• **اَروش ج اَروش:** ذ. [سن. اَروش = سج. هڪ قسم جو نانگ] سج. ٻاهه جو پيڙ – پڙڪو – جهلڪو – شعاع – شعلو. هڪ قسم جو نانگ.

• **اَروڪڙو ج اَروڪڑا (ڪ. ل):** ذ. صفت. [اَ = نہ + روش > ريڪا = مهاندر] بدشڪل – بدصورت – ڪوجهو.

• **اَروڪو ج اَروڪا (ڪ):** ذ. صفت. [سن. ڪروهْ = جامڙو: اَ = نہ + روش > ريڪا = مهاندر] بدشڪل – بدصورت – بي مهاندي – ڪوجهو. اپرو – بي زور – ڪم طاقت – نهل.

• **اَروگ ج اَروگ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + روگ = روڳ، مرض يعني بنا روڳ جي] تازو توانو – تندرست – جگر پلو – نروير – نمرو.

– **اَروگ وگيان:** ذ. صفت. [سن. اَروگْيَہ] اَروگ.

– **اَروگائي:** ث. تندرستي – چاقائي – چگيلائي – سجائي. سگهائي – صحت.

– **اَروگو ج اَروگا:** ذ. صفت. اَروگ.

– **اَروگ ودياءِ:** ث. چگيلائي رکڻ جو علم – علم الصحة.

– **اَروگي ج اَروگي:** صفت. اَروگ.

• **اَرونهرو ج اَرونهرا (ڪ):** صفت. اروگ – چاق – چگو پلو.

• **اَروڻ ج اَروڻ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + لَوَنَ = لوڻ] اَلوڻو – بي نمڪ – ڦڪو.

– **اَروڻو ج اَروڻا:** ذ. صفت. اَلوڻو. بي سواد – ڦڪو. بداخلاق – بدچال – ڪاڇڻو.

• **اَروٽي:** ذ. واٽر کان پوءِ اچو ٽيل اَنّ (اسم خاص) تعقلي جو هيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **اَروٽي ڪَرڻ:** اَنّ صاف ڪرڻ. واٽر ڪرڻ.

• **اَروٽي:** ث. [سن. اَروچَ = اڻ وٽندي] حمل جا اڌيڙ.

• **اَرَهُ (ت):** ذ. ڪنهن سان بدن لڳڻ جي حالت – چوت – ڇهه – لمس.

• **اَرهه:** ث. [سن. آراڌَ = راضي رکڻ] مرضي – سَڌَ – خوشي – خواهش. انگل – اَرَه (ت).

– **اَرهه رکڻ:** پار جي غير واجبي مرضي رکڻ – دل ونڻ. ڪوڙائڻ – دادلائڻ. آڑ رکڻ – سانگو ڪرڻ.

• **اَرَه:** ذ. [ف] کارائي.

– **اَرهه ڪُش:** ذ. صفت. واڍو – ڪاٺ جيرو.

• **اَرَهُ ج اَرَهَ:** ذ. چاتي – سينو – پستان – ٻنبو. جبل جي ٻَڌ کان هيٺ زمين (ڪ).

– **ارهه انبورهن:** ڏڪ ظاهر ٿيڻ – ٻَڌا ظاهر ٿيڻ.

– **اَرَهُ پَرهڻ:** ٻَڌا سگوٽهڻ. چوڪري، جو بالغ ٿيڻ.

– **اَرَهُ ڏِيڻ (ت):** مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي اچڻ – مقابلو ڪرڻ. اچي

مجي ڪرڻ – همتائڻ. مدد ڪرڻ.

ـ **اَرْهہ زورائي ج اَرهہ زورائيون:** ث. سينه زوري – ڏاڍ مڙسي – زبردستي. ڏاڍائي – ظلم.

ـ **اَرْهہ زورائي ڪرڻ:** ڏاڍ مڙسي ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ – ظلم ڪرڻ.

ـ **اَرْهہ زوري:** ث. اَرهہ زورائي – سينه زوري.

• **اَرْهاڻ:** مصدر. [سن. اَرْهْ = سينو] سوڙهه ڪرڻ – ٻڌي ڪي ڏکڻ. گهٽڻ. اُجاڻڻ – هوڪر ڪري وڙهڻ. تپائڻ.

ـ **اَرْهاڻ ج اَرْهاڻون:** ث. اَرهہ زورائي – ڏاڍائي – اُجات.

ـ **اَرْهاڻ ڏيڻ:** پاڪر ۾ زور ڏيڻ – پيڙڻ – چيڙ – چيپائڻ.

• **اَرْهال ج اَرْهال (ڪ):** ذ. صفت. نندوڙ ٻار – الڙ – معصوم. بي سمجهه.

• **اَرْهاڙو ج اَرْهاڙا (ڪ):** ذ. صفت. نڙون. پرائو – ڏاريو. چوري ڪيل.

ـ **اَرْهائي پيرين ڪيڻ (ڪ):** اُگهاڙي پيرين ڪيڻ – ناأميد ڪري ڪيڻ.

• **اَرْهاڻڻ:** مصدر. [سن. اَ = نہ + هُرش = خوش ڪرڻ] اَرهو ڪرڻ – ناراض ڪرڻ – رنج ڪرڻ – ڏکي ڪرڻ.

• **اَرْهجڻ:** فعل مجهول. ناراض ٿيڻ – رنج ٿيڻ. دل ۾ ڪرڻ.

• **اَرْهَڙ ج اَرْهڙ:** ذ. دال جو هڪ قسم.

• **اَرهڻ، اَرينْهڻ:** ظرف. "پرينْهڻ" کان پوء پيو ڏينهن – ٽئين ڏينهن.

ـ **اَرهڻڪي اَرينْهڪو:** ذ. صفت. اَرينهن وارو.

• **اَرْهڻ (ڪ)، اَرهُون (ل):** ذ. (ڏهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوڄ.

ـ **اَرهن هٿ:** جوپائي مال جي ٽڻن جو سُڄي پوڻ. ٻکريءَ جا ڏُڌ تپي ۽ سُڄي پوڻ. ٻکريءَ جي ٽڻن مان کير ڏهڻ وقت رت نڪرڻ.

• **اَرهڻدو ج اَرهڻدا:** ذ. صفت. [سن. اَنْرہ < اَن = نہ + اَرْهْ = لائق هٿ] نہ رهندو – نہ رهائيندڙ – نہ سَهائيندڙ – اڻ جوگو – اڻ لائق – غير مناسب – نامناسب. ناشائسته – غير واجب – ناشايان. حرام – ناجائز (ديني لحاظ سان). زبردستيءَ سان ورتل. بي انصافيءَ سان حاصل ٿيل (ث) اَرهڻدي ج اَرهڻديون.

ـ **اَرهڻدائي:** ث. اڻ لائقي. بي قاعدگي – لاقانونيت (ديني يا اخلاقي).

• **اَرهڻدي ج اَرهڻديون:** ث. ڏاري – اوپري – نڏڪي – رولو چولو – ڏٽين مٽي.

• **اَرهڻ ج اَرهڻ:** ذ. اَهڻر.

• **اَرْهو ج اَرْها:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + هُرش = خوشي] ناخوش – ملول – رنج – غمگين – ڏکويل. "سَرهو" جو ضد. (ث) اَرهي ج اَرهيون.

ـ **اَرهاڻ:** ث. اَرهائي.

ـ **اَرهائي:** ث. ڏک – رنج – ناراضپو – رنجش. ملولائي – غمگيني.

ـ **اَرهو ٿيڻ:** ناخوش ٿيڻ – رنج ٿيڻ – ناراض ٿيڻ.

ـ **اَرهي سَرهي ٽڪڻ:** امير غريب کي هوسڻ. ڏکئي سکئي سان حسد ڪرڻ.

• **اَرْهو ج اَرْها (ث):** ظرف. هيڏانهن – هيڏ پرو. اورتي – ويجهو – قريب.

ـ **اَرْهو پَرْهو:** ظرف. هيڏانهن هوڏانهن – اوري بري.

ـ **اَرهي:** ظرف. اوري – اورتي – ويجهو.

• **اَرْهِي ج اَرهِيُون:** ث. آرسي. عورت جي آگوٺي جي ٽڪ واري مَندي. ٽڪ.

• **اَرَهہ ج اَرَئُون (ت):** ث. [سن. آراڌ = راضي ڪرڻ] راء ـ رايو – انگل – سَڌ – شوق – مرضي – خيال. سانگو. اَرداس.

• **اَرَهہ:** ث. [سن. اَ = نہ + رو = درياهه جي وهڪ] درياء جي لٽ نہ ڇڪيل زمين – غيرآباد زمين – خشڪ زمين – پوئر – ڏُٺه. غير موسمي فصل.

ـ **اَرَهہ ڏيڻ:** زمين کي آبادي ۽ ڪان ساهي ڏيڻ.

• **اَرَئُوٽو ج اَرَئُوٽا (ث):** ذ. هَرَ.

• **اَرَئُوٽو ج اَرَئُوٽا:** ذ. صفت. [سن. اَن = نہ + اَرَهہ = لائق] اَن لائق – بد عادت – بد چال – بد فضيلت – نالائق.

• **اِرِي ج اِرِيُون:** ث. ڪاڻيءَ جو ننڍو ٽڪرو. عضو – شئ. ڪنهن به شيءِ جو ٽوروحصو (ث).

• **اِري:** ث. ڪ ڪ "ڪرڪيلي ڏڇن انار هين، اري سوياري تان"

• **اَري ج اَريُون:** ث. رڙ – گهيٽي – ڏنبي.

• **اَرِيبہ:** ذ. [ع] داناء – ڏاهو.

• **اَرِيب ج اَرِيبُون:** ث. [ف. اَريبہ = قَدو] چورس. مستطيل يا ڪنهن به چوڪنڊي جي آمهين سامهين ڪنڊن کي پاڻ سان ملائيندڙ ليڪ.

• **اَريبُ ج اَريبَہ:** ذ. ڏِنگائي – قذائي. فريب.

ـ **اَريبي ج اَريبي:** صفت. پاسيرو – ڪنڊائتو – ڪُنڊو ڪُنڊ.

• **اَريجُ ج اَريجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ف. ريج > ريزش = وهڪ] بنا ريج زمين – خشڪ زمين – سُڪي ٻني – بيابان – صحرا "آسڻ جن اَريجَ ۾، تن جي وهَ جو وَرن ٻيو" (شاه).

• **اَريڙ ج اَريڙيُون:** ث. [سن. اَجَگر = بلا جا سڄي بکري ڳهي وڃي] هڪ تمام وڏي ۽ ٽلهي بلا – ارڙ نانگ – اروڙ – ازدها – اجگر. آفت. جالاڪ – هوشيار.

• **آريسَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (آريسر).

• **آرِيڻو ج آرِيڻا (ث):** ذ. صفت. اجايو. بي وقوف.

• **اريڪ**: ث. مينهن يا ماڪڙ جي گهٽائي – اوريڪ.

• **اَرينْهَنْ**: ظرف. اڄ کان پوءِ چوٽون ڏينهن – اڄ کان چوٽين ڏينهن (ت).

• **اَرِيئو ج اَريئا** (ث): ذ. اٿت – چرخو – ارٽ.

• **اَڙَ ج اَڙُون**: ث. [سن. أدْ = جهڪڻ] هوڏ – اصرار – مخالفت. اَڙ – آڏ – اَٽڪ – رندڪ – روڪ – زَند – رڪاوٽ – جهل. ٽيڪ – آڌار. اوٽ – اَجهو – جهلو – پناه "سال سنڀن. حال جهنڪن. ڪاند ڪن اَڙَ آڏ اوٽ" (گل). ترار جي چهنب – اَڙي ـ نوڪ. رستو – پيچرو – گس – گهيڙ – لنگهه – واٽ. اٽڪل – ڪيڏ. چال – چالبازي – عياري. اولو – اوپر. مورچو – ڪاهي. فوج جو ڪنهن ٻيءَ فوج سان مقابلو – لڙائي – جنگ – جهڙپ. وهت تي هڪ پاسي پيل بار. بارن کي ٽيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.

ـ **اَڙَ ڏيڻ**: لڪي وڃڻ – اوٽ ڏيڻ – جهل ڏيڻ. بند ڏيئي ڇڏڻ – جهلو ڏيڻ. اٽڪل ڪرڻ.

ـ **اَڙَ ڪري ويهڻ**: ڪنهن وڏ وغيره جي پناه يا اوٽ ۾ لڪي ويهڻ – ڪاهي ڪوٽي ويهڻ – مورچي ۾ ويهڻ.

ـ **اَڙَ ۾ ويهڻ**: جُڪي ويهڻ – لڪي ويهڻ – ڇپي ويهڻ – جهڪي ويهڻ.

• **اَڙ ج اَڙ**: ذ. جانور تي لڏيل بار جو هڪ پاسو. حصو پتي – وڏي – پاڳو – وانڍو. بار – مشڪل – ڏکيائي. اوٽ – اجهو.

• **اَڙَڀيڻ** (ت): بار ٽيڻ – بار پوڻ. روڪ ٽيڻ – بند ٽيڻ – رندڪ ٽيڻ.

• **اِڙ ج اِڙَ** (ا): ذ. دير – ڍڪ – انبار.

• **اَڙا گهڙي** (ت): ث. ڦڙتي – ڦڏو – اَڙي – زَڙي – اڙتي – ڪيتو.

• **اَڙانگ ج اَڙانگ**: ذ. صفت. ڏکيو ـ اوکو ـ اهنجو ـ مشڪل ـ دشوار "اوهان ري اڙانگ، ويني ورهه وسايان" (شاه).

• **اَڙانگو ج اَڙانگا**: ذ. صفت. اٽانگو – ڏکيو – اهنجو (ث) اَڙانگي ج اَڙانگيون.

• **اَڙائڻ**: مصدر. [سن. أسْرايه = اٽڪ. روڪ] قاسائڻ – اٽڪائڻ – گندڻ – متصل ڪرڻ. (اَڙايو. اَڙائيو – اَڙائيندو – اَڙايل).

• **اَڙائي ج اَڙائِيُون** (ا): ث. بهريات ٻڪري – اوٽ – اَٻڪ (ت).

• **اَڙبَڙ**: ث. بي معنيٰ لفظ – بڪ ٻڪ.

• **اَڙَبَنْدَ ج اَڙَبْنْدَ**: ذ. لنگ. گوڏ.

• **اَڙبوات ج اَڙبواٽُون** (ث): ث. آهٽ – آواز – اڳڻ.

• **اَڙَبَنگ ج اَڙَبْنگ**: ذ. صفت. بي پرواه ـ اردو. پهلوان – بلوان – طاقتور – سڪهارو. ڏنگو – اهند – حرڪتي. شوخ – هوڏي.

ـ **اَڙبنگائي ج اَڙبنگائِيُون**: ث. اهندائي – اردائي – ريڌائي.

• **اَڙتي ج اَڙتِيُون**: ث. [سن. أسْرايه = اٽڪ. روڪ] ڦڏو – ڦڙتي – ڪِدي. اٽڪ – رندڪ – روڪ

ـ **اَڙتي باز**: ذ. صفت. ڦڏو وجهندڙ – ڦڏائي – اڙيگور – ڪِدي خور.

ـ **اَڙتي خور**: ذ. صفت. ڦڏو وجهندڙ – اَڙتي باز.

ـ **اَڙتي ڪرڻ**: ڦڏو وجهڻ – ڪِدي ڪرڻ.

• **اَڙَڙ**: ظرف. بي دليو – بي خيالو.

• **اَڙَڙ**: ظرف. لٽ پٽ – متو مٽ – وهنوار – لڙيڙ – آنا مانا. بيباڻ – ڀُڪتو (حساب ڪتاب) آجايا.

• **اَڙڻ**: مصدر. "اَڙڻ" مان فعل مجهول. قاسجڻ – ٽاسي وڃڻ – اٽڪجڻ.

• **اَڙجي بيهڻ، پوڻ**: اٽڪجي پوڻ. مُنجهي بيهڻ – (مصيبت ۾) قاسجي پوڻ.

ـ **اَڙجي ويهڻ**: قاسجي پوڻ. ڪڙ ٽيڻ.

• **اَڙَڪ**: ث. اَرجڻ – اٽڪ. ڏکيائي – مشڪلات – تڪليف – اهنجائي. پيچڪڙي – ڦڙتي – چيڙڪ – رندڪ. بي قراري – بي آرامي.

• **اَڙَڪ**: ث. دال جو هڪ قسم – مانهن جي دال.

• **اَڙُڪ ج اَڙُڪ**: ذ. [ترڪي. اُردو = چانوٽي] فوج – لشڪر – ڪٽڪ. جَرَ عفير – ميڙ – انبوه ـ ڏَنب – خَلق. ڍڪ – انبار – ڪوڙ.

• **اَڙُڪا بيگ ج اَڙُڪا بيگ**: ذ. [ترڪي. اُردو > اَڙُه = چانوٽي + بيگ = سردار] هٿيار بند سپاهي – لشڪري يا فوجي ماڻهو. وڏو امير. لا پرواه – اردو – بي خيالو (ت).

ـ **اَڙُڪا بيگي ج اَڙُڪا بيگِيُون**: ث. مرداني فوجي لباس ۾ محلات جي پهري جو انتظام رکندڙ عورت – محلات جي پهريدار عورت. بانهي – نوڪرياڻي – درٻان عورت. سنهو ٻرڻ – سنهي چاڻي.

• **اَڙُڪاءُ ج اَڙُڪاءَ**: ذ. گوشت مڇي وغيره جي پوڙ ۾ شوروي کي گهاڻي ڪرڻ لاءِ وڏل آٽو يا لسي – لاس.

• **اَڙُڪائي**: ذ. فوجي – سپاهي – لشڪري.

• **اَڙُڪَڪ ج اَڙُڪَڪ**: ذ. گهوڙي جو هڪ سنج.

• **اَڙُڪا ج اَڙُڪائُون**: ث. [ف. اَڙُڪا = وڏو ٽانگ] اڙو ٽانگ – اڇگر – اڙوڙ "عظمت سان هٿي ازڪا، ڏور جنهن جو ڏهڪار" (رمضان ڪنبي).

• **اَڙَس** (ث): ث. مينهن پوڻ وقت ڪنڊ ۽ ڪپ ۾ هلڻ ڪري نڪتل ٽٽ ڦرڻيون – هلو.

• **اَڙَس ج اَڙَس**: ذ. مُنگهن – ڪتمل.

• **اَڙُڪ**: ظرف. آخرڪار – نيٺ – اَڙڪ – لڳي پتي. هن مٿي.

• **اَرْڪ ج اَرْڪُون:** ث. منشا – مراد – نيت "ڪاڃا اَرْڪ اوٺيين. ڪرهل ڪوڏ ڪسين" (شاهه). اورڪ – ڏاڍو، ينهن.

• **اَرْڪ ڏِڙِ ڪِهِ ج اَرْڪ ڏِرْڪِيا (ث):** ڏ. تياڪر – ثالث – شفيع – ڇگو مڙس.

• **اَرْڪ گوار (ث):** ث. اها گوار جا ٻٽي ڪنهن فصل سان گڏ خود بخود ڦٽي (داڻو ۽ ڦري سخت ٿئي. صرف جانورن کي گاه طور کارائي وڃي).

• **اَرْڪڻ:** مصدر. اٽڪڻ – ڦاسڻ (دل) – قابو ٿيڻ – جڪڑجڻ – سُڪ ٿيڻ. گرفتار ٿيڻ – قيد ٿيڻ – بندجڻ.

ـ **اَرْڪ ج اَرْڪُون:** ث. اٽڪ – روڪ – رندڪ – رڪاوٽ.

ـ **اَرْڪائِڻ:** مصدر "اَرْڪڻ" مان متعدي بالواسطه. اٽڪائڻ. بند ڪرڻ – قيد ڪرڻ – گرفتار ڪرڻ – ڦاسائڻ. جڪڑڻ – قابو ڪرڻ – سُڪ ڪرڻ.

• **اَرْڪِجَڻ:** مصدر "اَرْڪڻ" مان فعل مجهول ڦاسجڻ – اٽڪجڻ – بند ٿيڻ – قيد ٿيڻ – گرفتار ٿيڻ. قابو ٿيڻ – سُڪ ٿيڻ.

• **اَرْڪو ج اَرْڪا:** ڏ. روڪ – رندڪ – جهل – پڇڙي – اٽڪ.

• **اَرْڪ ج اَرْڪُون:** ث. اکر – حرف. لفظ. طرف – پاسو – ڏس. خبر – ڄاڻ – سمجهه.

• **اَرْڪ پَرْڪ:** ث. سُڌ سماءَ – آسپاس جي خبرچار. ڄاڻ سجاڻ.

• **اَرْڪي پَرْڪي. اَرْڪي ڦَرْڪي:** ظرف. آسپاس.

• **اَرْڪو ج اَرْڪا:** ظرف. دور – پري. اوجهڙ.

• **اَرْڪِيل ج اَرْڪِيڻ (ث):** ڏ. صفت. اَڻ ڪِيلُ – بيمار – اڳهو – مرضيل.

• **اَرْڪ ج اَرْڪُون:** ث. لوڙهي جي وچ ۾ لنگهه ناهڻ لاءِ پاسن کان به اڀيون ڪاٺيون هڻي اُنهن جي وچ ۾ عمود وانگر رکيل ٻن يا ٽن ڏاکڻ جي ننڍي ڏاکڻ – ڳُلي.

• **اَرْڪَ ج اَرْڪَ:** ڏ. [سن. اَلْ. لَلَ ۽ لَدَ] ڏگهين لڏندڙ ٻڪرن وارو ڪَڏڻو گهوڙو – بوجهو گهوڙو – ٽهٽو ٻهاڻ – جَڙو وڇيرو "ڪارا ڪُنڊ هٽن ۾. اَرْڪ وڇيرا هيٺ" (شاهه). (صفت) اَرْڪ – بي خيالو – واڇوٽو – ٻڌو – ٻڪهلو. ترڙو – هلڪڙو – وڏائي خور.

• **اَرْڪ وڇيرو:** ڏ. ڪَڏڻو گهوڙو. بي خيالو ماڻهو – ترڙو – هلڪڙو – وڏائي خور.

• **اَرْڪَ:** ث. اسم خاص. سيوهڻ وٽ هڪ واهه ۽ ڍنڍ جو نالو.

• **ارڪ ج ارڪسن:** ث. ٻلا جو هڪ قسم – ازگريلا "نيون نيڪون نوندڙا، جت اولون آما اڪ" (شاهه عنات).

• **اَرْڪِ ج اَرْڪِين (ڪ):** ث. پن (ول) جو ڍيرو.

• **اَرْڪِي. اَرْڪِي ج اَرْڪِيُون (ث):** ث. جوپائي کي پڇڻ يا تکي هلڻ کان روڪڻ لاءِ پيرن ۾ پيل ڏاڻن ۾ ٻڌل ڪاٺي.

• **اَرْڻ:** مصدر. اٽڪڻ – اڙڃڻ – منجهڻ – ڦاسڻ. ڳنڍجڻ. (حساب ڪتاب) صاف ٿيڻ – بي باق ٿيڻ – ڇڪتو ٿيڻ. ملڻ (عوض يا پلاند). (اَڙيو – اَڙندو – اَڙيل).

ـ **اَرْڻ پَرْڻ:** وهنوار ٿيڻ – لٽ پٽ ٿيڻ. ڇڪتو ٿيڻ (ليکو).

ـ **اَرْيات. اَرْياتُو:** ڏ.صفت. اَڙيل – ڦاٽل – محتاج – منجهيل.

• **اَرْيال ج اَرْيال:** ڏ. صفت. اَڙيل – گهرجائو – ضرورتمند – منجهيل – ڦاٽل. سائل.

• **اَرْيِن آدارُ:** ڏ. صفت. بي وسيلن جو وسيلو – مسڪينن جو سهارو – پرجهلو – آسرو – ڏي.

• **اَرْيِن جي اوٽ:** محاورو. هيٺن جي حمايت – بي وسيلن جو وسيلو – هيٺن جي پناه يا آڏار.

ـ **اَرْيو ج اَرْيا:** ڏ. صفت. محتاج – تنگدست – منجهيل. گمراهه ٿيل. ڦاٽل.

ـ **اَرْيو رهڻ:** روڪيل رهڻ. ٻڌسي بنا تنگ رهڻ – منجهيل رهڻ.

• **اَرْ ج اَرا:** ڏ. [سن. اَرَ = ڇڪڻ] اَرو – ڏندو. تاجيءَ جون پاڻ ۾ ڦاٿجي ڳنڍيو ٿي پيل ڏندون. حيض اڃڻ کان سواءِ ٻيو پيرو ٿيل حمل. (صفت) برابر – هڪ جيترو – هم وزن. هڪ جهڙو – پيڇي. ٻڌ – ڄٽ. (ڏ) وهت تي لڏيل بار جو هڪ پاسي لڙيل بوجهو (ث) – ٻڪ طرفو بار. ورهايل مال جو هر هڪ حصو – پاگو – وانڊو – وندي – پتي. هڪ مينهن جو ٻيءَ مينهن کي هنيل سڳ – اَڪل. گاه جو گڏو – ٻوڙو – مُجو – پَري – بند (ڪانڊ جو). قاعدو – قانون.

ـ **اَرْي ۾ جهلجَڻ:** قاعدي ۾ قابو ٿيڻ – قانون موجب گرفتار ٿيڻ.

• **اِرْ ج اِرا:** ڏ. گاه جو ٻَنو. گاهه يا ڪاڻ جي پَري.

• **اَرْ اَرْو (ل):** ث. راند جو هڪ قسم.

• **اَرْوَڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَرْوڪ:** ظرف. بي ايماني، سان – ٺڳيءَ رستي.

ـ **اَرْو ڪو ڪائڻ:** بي ايماني، سان ڪائڻ – چوريءَ ڦٻائڻ.

ـ **اَرْوڪي وڪ:** ث. ٺڳي – چالاڪي.

• **اَرْوَل ج اَرْوَلُون:** ث. روڪ – رندڪ – اٽڪ. چيڪ – پڇڙي.

• **اَرْونڊ ج اَرْونڊ:** ڏ. اڙيال – سوالي. ادنگو – بدفضيلتو – بدچال.

• **اَرْو واڻِي:** ظرف. وڃڻي سڃڻي.

• **اَرْوئي ڪَرڻ (ث):** پنڻ – فقر ڪرڻ – بکيا وڻڻ.

• **اَرْوِيل ج اَرْوِيل:** ڏ. وَڪڙ – وَڙ – ڍيرو. رندڪ – روڪ مونجهارو.

• **اَرْهني ج اَرْهنيُون (ث):** ث. اوڍي. ڄڻي. رڙو – پوتي.

• **اِرْهُڙ (ڪ):** مصدر. هڪ ٻٽي مٽان ڍڪ ڪرڻ.

• **اَرْهُنْ:** مصدر. پهرڻ – وجهڻ – اَسهڻ. جونجهڻ – جَتڻ. وهڻ – گهڻ (بار ر).
وهڻ – وهي هلڻ (پاڻي). وسڻ (برسات). (کنايه) هر کاهڻ – کيڙڻ. ريج
کرڻ – ٻني پياريڻ. مدد کرڻ. پاڻيءَ جو وارو ونڻ – پاڻي وراڻڻ (ت).

• **اَرِي:** حرف ندا. [سن. اَري] ٻئي کي سڏ کرڻ لاءِ کم ايندڙ لفظ – اي ـ
ڙي – او. گهٽتائيءَ. کراهت يا نفرت وجهان سڏ کرڻ مهل کم آندل لفظ.

• **اَرْي ج اَرْيُون:** ث. [سن. اري] ملهه ۾ (ناجائز قرار ڏنل) هڪ قسم جو
جانور. آڙ – آڏ – آڏڙي – مونڙي – قُرتي – آڙتي. آڙاگوڙي – قَدو – گِدي
– قِنڙڪ. کوٽ – وِرهه. اٽڪ – رکاوٽ – روڪ – رندڪ. جهل – ٽيڪ –
جهلو. گس گساءَ – نت نتاءَ. انگوڙي – وکڙ – پيچ. هٺ – غرور – وڏائي.
تکليف – مشڪلات. ڏک – سور – اهنج – ايذاءَ. ٽوڪ – ڇهنب – آڙي.
(ظرف) اڙجي – پلجي – پنيلجي – قاسجي. (حرف ندا) زال کي سڏڻ جو
لفظ – اڙي – ائي. زالن جو هڪ ٻئي کي سڏڻ جو لفظ. ٻڙي – اَڀي.

• **اڙي ج اڙيون:** ث. گهوڙي کي تکو هلائڻ لاءِ پير جي کڙيءَ جو ڏک –
مهميز. پير جي آڏ. ملهه جو هڪ داءُ. اٽکاءُ. قَدو – بهانو.

ـ **اَڙي اوڏي:** ث ڏُک – تکليف. ڏکئي وقت.

ـ **اَڙيبازُ ج اَڙيبازُ:** ذ. صفت. رکاوٽون وجهندڙ– اَڙتيباز – اَڙيگوڙ – قُرتيباز.

ـ **اَڙي ڏيڻ:** گهوڙي وغيره تي ٻيلهه چاڙهڻ لاءِ هٺ يا پير جي ٽيڪ ڏيڻ.

ـ **اَڙي رَهڻ:** رندڪ جي ٻيهڻ – روڪجي وڃڻ.

• **اَڙي کَرڻ:** بهانو کري رندڪ وجهڻ – بهاني سان تکليف ۾ وجهڻ –
قَدو کرڻ – اڙتي کرڻ – قُنڙڪ هڻڻ – ڏڙڪ ۾ پير هڻڻ. گهوڙي وغيره جو
هلڻ کان نٽائڻ ـ اَهنڌ پاڻي کرڻ.

ـ **اَڙيگوڙُ ج اَڙيگوڙُ:** ذ. صفت. قَدَائي – اڙي باز – قُرتي باز.

ـ **اَڙي هَڻڻ:** وهت کي تکڙي هلائڻ لاءِ پيٽ ڏاري پير جي کڙي هڻڻ – مهميز
ڏيڻ. اٽکل ويهڙائڻ – تجويز کرڻ – کيڏ کيڏڻ. رکاوٽ وجهڻ. ملهه ۾
تنگ آڏي ڏيڻ.

ـ **اَڙيءَ ۾ اَچڻ:** ڏند پوڻ لاءِ مجبور ٿيڻ. مُصيبت ۾ اچڻ.

• **اِڙي ج اِڙيُون (ت):** ث. ڪڏي. ٻُتلي – پوري.

• **اُڙي ج اُڙيُون:** ث. ڪوي.

• **اُڙي ڙُڙي:** ث. صفت. رهيل کهيل – ٻچيل سچيل. رَهي کهي – بچت
سچت.

• **اُڙيو ڙُڙيو ج اوڙيا ڙُڙيا:** ذ. صفت. [سن. اَتِتَم = بيراهم] رستي پليل – ڙيو
ٽاپڙيو.

• **اَز:** حرف جر. [ف] کان – کنان – طرفان – وٽان.

• **ازاڪي:** صفت. جن وٽ زڪوات جيتري بچت ناهي. غريب "زاڪي
منجهه زڪوات، ازاڪي آڇا ٽيا" (خانزئي).

• **اَزانسواءِ:** ظرف. انهيءَ کان سواءِ ـ انهي ڌاران.

ـ **اَزْبَر:** ظرف. ياد – حفظ.

ـ **اَزْبَس:** صفت. نهايت – کافي – کافيءَ کان زياده.

ـ **اَزْحَد:** صفت. نهايت – تمام گهڻو – بيحد – بيشمار.

ـ **اَزْخود:** ضمير. پنهنجو پاڻ – پاڻهي – خود بخود پاڻ مرادو – پاڻڻون
– پاڻهي جاڻي.

• **ازخودرفتہ:** ظرف. آپي کان ٻاهر – بيخود – حواس گم.

ـ **اَزْ(مَ)نَو:** ظرف. نئين سر – وري – ٻيهر – دوباره. سري کان.

• **از طرف:** ظرف. طرف کان – طرفان.

ـ **اَزغَيبُہ:** ذ. صفت. نامعلوم – اوجتو. لکل – ڳجهو.

• **اَزْغَيبي:** ظرف. اوجتو – ناگاهه – اچانڪ. ڳجهيءَ طرح – ڳجهو.

• **اِزار ج اَزارُون:** ث. [ع] سٿڻ – شلوار. پاجامو. گوڏ.

ـ **اِزارَبَنْد ج اِزاربَنْدَہ:** ذ. [ع+ف] اَڪَڻ – ناڙو – ڪمربند.

ـ **اِزاربندي رشتو:** ذ. زال طرفان مائٽي.

• **اِزارو ج اِزارا (ت):** ذ. [ع. اِجارة] ناکو – چونگي – محصول.

ـ **اِزاربدارُ ج اِزاربدارُ:** ذ. صفت. [ع. اِجاره + ف. دار] محصول. ونڊڙ
منشي.

• **اِزالو ج اِزالا:** ذ. [ع. اِزالَة = زائل کرڻ. محو کرڻ] زوال – دفع –
رفع – منسوخي – نورتي. هٽائڻ. ڌاهڻ يا ختم کرڻ جي حالت.

ـ **اِزالۂ غَلَطفَهمي:** محاورو. غلطفهمي لاهڻ.

• **اَزْبَک ج اَزْبَک:** ذ. صفت. [ترڪي. اوزبک = هڪ شاهي خاندان جو
نالو] مضبوط – راٿوڙ – جانگو – بهادر – پهلوان – جوڌو. هُوڙهه –
اُبهرو – تکڙو – جلد باز.

ـ **اَزْبَکيُون بَکڻ:** بَتاکُون هڻڻ – ٻاڙون هڻڻ – اجايون ڳالهيون
کرڻ – بي بنياد خبرون ڏيڻ. اڻ ٽيٽيون ڳالهيون کرڻ – اُٿ ڦاڙڻ.

• **اِزْدِحامُ ج اِزْدِحامُ:** ذ. [ع] ماڻهن جو گوڙ – انبوهه – ڏَنب – پيڙ –
وڏو مجمع – ميڙ – ٻيهه – گپا گيهه – ڪلهي گس.

• **اِزْدِواجُ:** ذ. [ع] نڪاح – شادي – پرڻو – مڙا ميڙ. بيت جي آخر ۾
بن مُتشابهه الاخر. متحدُ اللّفظ ۽ مختلف المعنيٰ لفظن جي
استعمال واري شعر جي هڪ صنعت "ڏک هٽي پنهنجي هٿون يا
برهه جو بيمار مار – شهسوارا! وصل جي يا واڳ ٽون هڪوار
وار" (واصف).

• **اِزْدِواجُ البَصَر:** ث. [ع] ٻٽي نظر – نظر جي ٻٽائي – هڪ شيءِ جو
ٻه ڏيکائي ڏيڻ.

• **اَزْدَها ج اَزْدَهائُون:** ث. [ف. اَژدها] نانگ جي شڪل ۾ تارن جو ميڙ.

هڪ وڏو نانگ – اژوَ.

• آزردیون: ڏک واريون. عاجزي واريون.

• اَزْرَق ج اَزْرَقْ: ذ. صفت [ع] نيرو – نيلو – آسماني. فريبي – پاکنڊي. بچاپڙو – وچ ويڙهاٽو.

– اَزرق پوش: ذ. صفت. نيلو لباس پهريندڙ.

– اَزْرق چشْم: ذ. صفت. نيلين اکين وارو – بلي، جي اکين جهڙو – شيرو. بي حيا – بي مروت.

– اَزْرق فامْ: ذ. صفت. نيلي رنگ وارو – نيراڻ تي مائل.

• اَزْگَر ج اَزْگَرْ: ذ [سن. أجگر = بکري کائيندڙ نانگ. کوراڙ] اجگر – وڏي بلا – ازدها – اژوَ. آفت.

• اَزَلْ: ذ [ع] شروعات کان سواءِ هميشگي – اناد. "اَبد" جو ضد – دنيا جي پيدا ٿيڻ و پهريون ڏينهن "از ابد جي وچ ۾. دريا دور کيا" (گرهوڙي) – ميثاق وارو ڏينهن – مند – اصل – بنياد – ابتدا – تخليق جي شروعات – ابتداءِ آفرينش. قسمت – مقدر – تقدير.

– اَزَلي ج اَزَلِيَ: صفت. اصل کان – شروعات کان ولي – انادي. "ابدي" جو ضد. ابتداءِ آفرينش کان ولي آخر تائين رهڻ وارو – باقي.

• ازمنه: ذ. [ع. زمان ج ازمنه] زمانا – دور – وقت.

• اَزْواج: ذ. [ع . زَوْج = جفت. زال يا مڙس] بيبيون – گهرواريون. مڙس – خاوند – وَرَ.

– اَزْواجُ مُطَهّرات: ث. سگوري رسول جون پاڪ بيبيون – آنحضرت ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا حَرَم سگورا.

• اَزورو ج اَزورا: ذ. صفت [سن. أ = نہ + ف. زور = طاقت] بي زور – نبل – نستو – بي طاقت – ڪم طاقت – هيٺو. (ث) اَزوري ج اَزوريُون "آهيان ازوري. تنهنجي زوريءَ جبل لنگهيا" (شاهه).

• اَزْهارْ: ث. [ع. زَهْرج اَزهار] گل.

• اَس: ث. [سن. اَس] تراڙ – ڪاتي – ڇُري (جانورن ڪُهڻ لاءِ).

• اَسَ ج اَسُونْ: ث. [سن. اَشْر. اُشْتا = گرمي] سج جو تؤ – سج جو پرتوو – ڏب – سج جي روشني – تڙڪو – ڪاڙهو – گرمي – تابش – تپش. اُٽ – تائي – تاؤڙي – تپت.

– اَس تي هُجڻ (ث): ٻک تي هجڻ – لنگهڻ تي گذارڻ – بکئي پيٽ رهڻ.

– اَس جَڏڻ، ڪڍڻ: تڙڪو جهڏڻ – اَس تي گرم ٿيڻ – تڙڪي تي ٻيهڻ – تڙڪو ونڻ. بکيو رهڻ.

– اَس سَڙيو ج اَس سَڙيا: ذ. صفت. ڏب سڙيو – لوهاتيل – لوساتيل – ڪاراتيل.

– اَس ڪاڙڻ: واڪو ڪرڻ – سُڪائڻ.

• اس لهڻ: سج جي چٽي روشني جو ختم ٿيڻ، شام ٿيڻ.

– اَس پر اُڇا ڪَڍڻ: آزمودي برائڻ کان سواءِ پوڙهو ٿيڻ. آزمودو نہ هڻڻ – ناتجربيڪار هڻڻ – الڙ هڻڻ. عُمر اُجائي وڃائڻ.

– اَس پر واڙ اُڇا ڪَرڻ: آزمودو نہ برائڻ – عقل نہ هڻڻ – اَس پر اڇا ڪڍڻ.

• اس پر ويهارڻ: سيکٽ ڏيڻ – سخت سزا ڏيڻ.

• اَساتذَهْ: ذ. [ع. اُستاذ ج اَساتذه] اُستاذ – ماهر – ڪامل – ڪاريگر.

• اَساتِرو ج اَساتِرا (ث): ظرف. ڪنهن ڪم لاءِ سنپريل.

• اَساڻَ: مصدر. [سن. اُشْنَ = گرم < اُشْتا = گرمي] اس پر ساڙڻ – سڪائڻ – ڪومائڻ – مُرجهائڻ. (اُساتيل – اُساتيندو – اُساتيو).

– اَساڻ ج اَساڻُونْ: ث. سخت اڄ – ڏوڪهو (ت) – ڏوڪهه ڏوڪهان – پياس – خشڪي – تاس – عطش – تَونس – ترشا – تشنگي – تهه. تسيو. شوق – چاه – چاهنا. اوسيڙو – اُون – آتاڙ. سڪ – اُڪير – اُڪند – ڪشش. گرمي – ڪاڙهو – تپش – سوزش – تپت – ساڙو. سوڪهڙو.

– اَساڻِجَڻ: مصدر "اَساڻڻ" مان فعل مجهول. سخت اُڃائجڻ. ڪومائجڻ – سڙي سُڪي وڃڻ.

• اَساتو ج اَساتا: ذ. صفت. بي ساتو – خشڪ – سُڪل – ٽوٽ – اُساتيل.

• اَساڏ ج اَساڏَ: ذ. صفت. [سن. أ = نہ + ساڏ = پاڪ] پليد – ناپاڪ.

• اَساڏِيو ج اَساڏِيا: صفت. [سن. اَساڏِيَ] اڻ ٽٻي – نہ ٽيڻ جهڙو – ناممڪن – اَسمير – ناشدني.

• اَسارْ ج اَسارُونْ: ث. [سن. أ = نہ + سار = رس. سواد. قوت. قيمت] بي رس – بي سوادي – ڦوڳو. سڃي قوت ۽ قيمت بغير – بي قوت ڪنو. نالائق – اڃايو – بي فائدو. هيٺو – ضعيف – بي طاقت. تاڪتون.

– اَسارَتا ج اَسارَتاڻُونْ: ث. اَپوڳائي – بي رسي. نالائقي. تاڪتائي.

• اَسارْ ج اَسارَ: صفت. [سن. أ = نہ + سار < سُمر = ياد ڪرڻ] غافل – بي پرواه – ڳهيلو – بي خبر – بي سرتيو – بي گوندرو – بي خيالو – اوگو – موگو – جرياڻ – ترائي – واڇرو – ٻڌو – ٻگهلو. ٽوٽ. لول – ڪنٽور. فاني – بي بقا.

– اَسارو ج اَسارا: ذ. صفت. بي سمجهه – بي عقل – بي خبر – غافل – ويسلو – ويسارو "ويرو وري ويڻي. آسارن تان اوڇتي" (شاهه). نستو – بي وسيلو. ڦوڳو – بي سوادي – جنهن ۾ رس نہ هجي.

– اَساري ج اَساريُونْ: ث. بي سمجهه عورت اُبوجهه – بي عقل –

مورک. بي گوندري، بي خيالي. نادان – جت. پورڙي – موڳي – اوڳي. غافل. بي خبر – ويسلي – ويساري – ويسري. اڃ جاڻ "اصل أساري پئي. پوري پڳهي جيئن" (شاه).

• **أسارا، أسارا:** صفت. [ع. أسير ج أسارا] قيدي – باندي.

• **أسارڻ:** مصدر. پت جي مٽي تعمير ڪرڻ. اوسارڻ – پٽڻ. (أساريو – أساريل – أساريندو).

• **أساري ج أسارا:** ذ. پت جي تعمير. پٽڪو – اوسارو.

ـ **أساري ج أساريُون:** ث. پت جي تعمير – اوساري.

• **أساس:** ث. [سن. أ = نہ + شُوَاسہ = سانس. ساهہ] ساه جي بندش – ساه جي روڪ "مالها ساڻ أساس جي. پائي ڳل پوئي" (سامي).

• **أساس، أساس:** ذ. [ع] واحد طور ڪم ايندڙ لفظ. بنياد – پاڙ – جڙ – بيڙهہ.

• **أساسي ج أساسي:** صفت. بنيادي – اصولي.

ـ **أساسي قانون:** ذ. مکيہ يا بنيادي قانون.

• **أساس:** ث. [سن. اُتْ = مٽي + شْوَسْ = ساه ڪڍڻ] اُپ ساهي – اوساس.

ـ **أساس ورڻ:** ساه ڪڍڻ.

• **أساطير:** ذ. [ع. أسْطورة ج أساطير] قصا – ڪهاڻيون – ڪٿائون – آکاڻيون – ڳالهيون.

ـ **أساطيرُ الأوّلين:** ذ. اڳين جون آکاڻيون.

• **أساطين:** ذ. [ع. اسطوانہ ج أساطين] ٿنيا – پيل پاوا.

• **أسافل:** ذ. [ع. أسْفَلُ = سڀ کان هيٺيون] خسيس يا نيچ ماڻهو يا شيون.

ـ **أسافل ناسُ:** ذ. ردّي يا نيچ ماڻهو.

ـ **أسافل وأعالي:** ذ. نيچ ۽ اوچ طبقي جا ماڻهو.

• **أساكرو ج أساكرا:** ذ. زمين جي آبادي زمين جي ماپ.

ـ **أساكرو ٿيڻ:** مينهن پوڻ کان پوء زمين جو جمي سخت ٿي پوڻ يا زمين جو هموار ٿيڻ.

• **اساكڙو ج أساكڙا:** ذ. صفت. [سن. أشر =اَس] ڪجهہ سکل ڪجهہ آلو – ڦڪرو – آدوکو. (ث) أساكڙي ج أساكڙيون.

• **أساكرو، أساكڙو ج أساكرا، أساكڙا (تل):** ذ. صفت. [سن. أشر = أس] صاف ٿيل (ت) أڏ آلو أڏ سکل ـ ڦڪرو ـ آدوکو ـ أساكڙو. پُسائي سُکائڻ بعد وتجي ويندڙ (ل).

• **أساكري، أساكڙي ج أساكريون، أساكڙيون:** ث. [سن. أشْرُ = اَس] پاڻي ۽ واري زمين – وٽ واري زمين – پوسل واري زمين. ڦڪري زمين. سج جي روشنائي – ڪاڙهو – اُبس – هُبس – اُگهم – اُڪرس – اُگهَت – گهُٽ. تپت – تاوڙي. مينهن وسي بند ٿيڻ جي حالت – سواسائي (ث).

• **أسالِيب:** ذ. [ع. اسلوب ج اساليب] نمونا – ريتيون. عبارت جا نمونا.

• **أسامَرتُ ج أسامَرتُ:** ذ. صفت. [سن. أ = نہ + سامَرْتِيہ = طاقت] بي طاقت – ڪم طاقت – بي پهچ – ناتوان – هيٺو – ڪمزور.

• **أسامہ:** اسم خاص. [ع. أسامہ = شينهن] هڪ اصحابي سڳوري جو نالو جنهن کي پاڻ ڪريمن پنهنجي وفات وقت شام جي فتح لاء ٿي موڪليٺ گهريو.

• **أسامي ج أسامِيُون:** ث. [ع. اِسم ج أسماء أسامي = نالا] نالو. آبادي. مال ملڪيت – جائداد – دولت. شاهوڪاري – دولتمندي – آسامي.

• **أسانْ:** ضمير جمع متڪلم. [سن. أسْمَدْ] اسين.

ـ **أسان سري نہ اَڻ ري:** اسان عاشقن جي محبوب کان سواءِ ڪا ڪار سوار ڪانہ ٿي (نٽي ٽٽي). گهڙي به سندس محتاجي کان سواءِ نہ گذري (۽ نٽي گذري).

• **اسانهيا:** ظرف. [اڳين پولي] اسان کان.

• **أسانهين:** اسان جي ٿي.

• **أساوري:** ث. [سن. أساوَري] هڪ راڳڻي يا سُر جو نالو.

• **اساول:** [ترڪي] قاصد – پانڌيئڙو.

• **أساوَنْتُ ج أساوَنْتُ:** صفت. [سن. أ = نہ + ساوَنْتْ = بهادر] ڊڄڻو – هيٺو – رحم جوڳو. بي صبر.

• **أسائڻ (ث):** مصدر. پيڇي ۽ متان پاڻي تاري هارڻ يا جدا ڪرڻ.

• **أسْباب:** ذ. [ع. سَبَبْ ج أسْباب] وَجوهَ ـ مقصدَ – ذريعا – سبَبَ (مسبب الاسْبابْ = سڀني سببن جو پيدا ڪندڙ يعني ذاتِ تعالىٰ). (سنڌيءِ هر واحد طور ڪم ايندڙ). "پرهِ پڇياڻون. عشق جي اسباب کي". (شاه). مال ملڪيت – جائداد – سامان سڙو – ٽپڙ ٽانڊي – ضرورت جو سامان.

• **اسباب:** ذ. اصل عربي لغت موجب 'سبب' جو جمع يعني سببَ – ڪارڻ. سنڌي اصطلاح هر (اسم جنس) گهڻيون گڏ انوکيون شيون. گهڻو سامان. عجب نظارو. عجب رنگ. عجب پسارو ۽ لڳاءُ.

• **أسْبابِ سَفَر:** ذ. مسافريءَ جو سامان.

• **أسباطَ:** ذ. [ع. سِبْطَ ج أسْباطَ] ڏوهتا "سِبْطِ الرّسُول = رَسُول جو ڏوهتو". بني اسرائيل جون 12 ذاتيون يا قومون.

• **إسْبَرگ:** ذ. [ف. إسْپَرگ] گاڙهو هڏتال. هيڊي رنگ جي هڪ ڪائي (جا رنگ ڏيڻ لاءِ ڪم اچي). هيڊ.

• **أسْبَن شَبَن:** ظرف. [ع. حَسْباً نَسَباً] حسب نسب جي لحاظ کان –

اصلیت جي لحاظ کان ويندي اصل تائين – سڄوئي ۔۔ هر طرح.

• **اَصتُ ج اَصتْ:** ذ. [سن. ا ء ت ۔ شَکْت = طاقت] نسبت – پي زور ۔۔ هيٺو.

• **اَصِت:** ذ. صفت [سن. اَ - ن + سْتِيه = سڄ] کوڙو – پي حقيقت – نابود ۔۔ پي بقا.

– **اَصِت کَرڻ:** نقصان پهچائڻ ۔۔ پي عزتو ڪرڻ.

– **اَصِت هُوڻ:** کوڙ ڪٽهائڻ.

• **اَصْت ج اَصْتَ (ل):** ذ. کبر جي لسي. اَڌين جو جمايل کير – اڌين جي کير جو ڏوئرو "اَصْتَ جو اڌين جو. مونکي رهيو من" ڏهي – ڏڏ – ڏوڳ – ڏڳ (ت).

• **اُسْتاذ ج اُسْتاذ:** ذ. صفت. [ف. ع] سيکارينڌڙ – معلم – رهبر ۔۔ سياڻو – مدبّر – اديب. هر فن مولا – چالاڪ – کيڏاري – چتر – هوشيار. ميان جي.

– **اُسْتاد اَزَل:** ذ. سڀ کان پهريون استاد – ازل کان وٺي استاد. خداتعالیٰ – قدرت ڳجهه سيکارينڌڙ استاد.

– **اُسْتاد ٿي گَڏجڻ يا ملڻ:** ڪنهن ٻئي کان حرفت سان ڪٽي وڃڻ – ڪنهن ٻئي تي حرفت سان غالب ٿيڻ.

– **اُسْتاد لڳڻ يا هُجڻ:** وڌيڪ ڏاهو هجڻ – کيڏاري ٿي لڳڻ.

– **اُستاداڻو ج اُستاداڻا:** ذ. صفت. اُستاد وارو – اُستاد جو ۔۔ استادي، وارو. استادن جهڙو.

– **اُسْتادڪو ج اُسْتادڪا:** ذ. صفت. استاد وارو ۔۔ اُستاداڻو.

– **اُستادي ج اُسْتادِيَون:** ث. ڪاريگري – هنر. چالاڪي – کيڏ – حرفت بازي – اٽڪل – ترڪيب – تجويز – هوشياري – سياڻپ – چترائي.

– **اُسْتادي ڪرڻ:** چالاڪي ڪرڻ يا هلاڻ – ٺڳي ڪرڻ.

– **اُسْتادي ڏيڻ:** هنر سيکارڻ – سکڻ – تعليم وٺڻ.

• **اِسْتادگي:** ث. [ف. استاد + يهنڙ] پيهڪ.

• **اِسْتادَهُ:** صفت. [ف] پيهل.

• **اُستاذ:** ذ. استاد جو معرب.

• **اَسْتان ج اَسْتانَ:** ذ. [سن. سْتانَ = جاءِ ف. اَستان = جاءِ] فقيرن جو جهوپڙو – فقيرن جو آستانو – اوتارو. **ملڪ – مڪان – جاءِ** ۔۔ رهڻ جو هنڌ "هندستان. عربستان وغيره".

– **اَسْتانُو ج اَسْتانا (ت):** ذ. آستان. ماڳ مڪان – رهڻ جو هنڌ.

• **اَسْتَا رو ج اَسْتادا (ت):** ذ. [ف. اَفتابَهْ] ڪوڙو – ڪوزو – بدنو.

• **اِسْتِبداد:** ذ. [ع] زبردستي – زور – جوڙ – ظلم – جورو جفا ۔۔ ڪنهن جي مرضيءَ خلاف مٿس هلايل حڪم – شخصي يا ظلمي راج. ضد – هٽ.

• **اِسْتِبْصار:** ذ. [ع] خيال سان ڏسڻ واري حالت – غور و خوض – انهماڪ. شيعن جي حديث جو ڪتابَ.

• **اِسْتِبْعاد:** ذ. [ع] پري رهڻ جي حالت ۔۔ عزلت.

• **اَسْتَت. اُسْتَتي ج اَسْتَتِيون:** ث. [سن. سْتَتْ] واکاڻ – ساراهه ۽ نيڪي ۔۔ ناموس ۔۔ تعريف – ثنا ۔۔ مدح. بندگي ۔۔ عبادت. مناجات – پرارٿنا.

• **اِسْتِغْراق:** ذ. [ع] لڳ م رهڻ جي حالت. لڳ (تصوف جو لطيفو. جنهن م ڪو وقت ڪشف کان سوا، رهندو آهي ۽ تجلي حاصل ڪرڻ ٻيندي اٿس). "تجلي" جو ضد.

• **اِسْتِثْناء:** ذ. [ع] ٻاڻ ڪي علحدي ڪرڻ جي حالت. ڪنهن شيءِ کي ٻين کان علحدو ڪرڻ. ڪنهن به بيان بعد "اِنْ شاءَاللّٰه" چوڻ جي حالت.

– **اِسْتِثْنائي:** ذ. صفت. واڌو – الڳ. قاعدي کان باهر – خارجي "قياس اِستِثْنائي" (منطق) – هڪ قسم جو فرضي قياس.

• **اَسْتْ پُسْتْ:** ذ. [فـ اَسْپِسْتْ = اَطريفل. تڙلو. برسيم] لوسڻ گاهه. هڪ دوا جو ناڙو – هڪ پيڙڪو وکر. بدوي يا جهانگي ماڻهن جو ڪاڇ. هڪ قسم جو ڦريا ميوو.

• **اِسْتِجابَت:** ث. [ع. اِسْتِجابَه] قبوليت ۔۔ هاڪار – اقرار.

• **اِسْتِحسان:** ذ. [ع] پسنديدگي. نيڪي – تعريف جهڙوڪر. ساراهه. خوبي.

• **اِسْتِحصال:** ذ. [ع. حصل + ونڊ] حاصل ڪرڻ جي خواهش – حصول. زوري وٺڻ جي حالت.

• **اِسْتِحْقاق:** ذ. [ع] لياقت ۔۔ لائقي. حق.

• **اِسْتِحْكام:** ذ. [ع] مضبوطي – پختگي – جڙاءُ.

– **اِسْتِحْكامات:** ذ. شهر يا چانوڻيءِ جي چوڌاري بچاءُ جا بندوبست جهڙوڪ قلعا. ڪاهيون وغيره.

• **اِسْتِخارو ج اِسْتِخارا:** ذ. [ع. اِسْتِخاره] غيبي اشاري معلوم ڪرڻ جي دعا. خدا ڪان خاص دعا جي رستي خير جي طلب. فال.

• **اِسْتِخْراج ج اِسْتِخْراجْ:** ذ. [ع] اخراج – نيڪالي. اپياس ۽ ڪوشش (هڪ شيءِ مان ٻي شيءِ ڳولي ڪڍڻ).

• **اِسْتِخْلاص:** ذ. [ع] خلاصي – رهائي. ڇوٽڪارو – آزادگي ۔۔ آزادي.

• **اُسْتَخوان ج اُسْتَخْوانْ:** ذ. [ف] هڏو. ميوي جي ڪکڙي.

• **اُسْتَخوانْ بُزُرگ:** ذ. صفت. وڏي خاندان وارو.

– **اُسْتَخوان بَنْدَ:** ذ. چپڙي – ٻڌي.

– **اُسْتَخوان بَنْدي:** ث. هڏ ڄاڻن. ناهه ڪرائڻ.

– **اُسْتَخوان تَراشي:** ث. رڍ ۾ سي قسمي ۽ رستي فال وجهن جي حالت.

– **اُسْتَخوان خَوار:** ذ. همٌ پکي. ڪتو.

– **اُسْتَخوان فِروشي:** ث. هٽا وڪڻ. بدمعاشي ۔۔ لچائي.

• **اِسْتِدْراج:** ذ. [ع] درجي بدرجي ڪنهن کي هٽائڻ يا هر ڪائڻ جي

حالت. کنهن بزرگ کان ظاهر ٿيل عجيب ڪر – ڪرامت . ڪافر کان ظاهر ٿيل عجيب ڪر.

- **إِسْتِدْراک:** ذ. [ع. إِسْتِدْراک = ڪوشش ڪري ڪنهن ماڻهوءِ يا شيءِ کي پڄڻ] جوڪن يا غلطين جي نلاڻي. جا ڳالهه گسي ويئي هجي سا وري **ڪتاب** جي آخر ۾ لکڻ جي حالت.
- **إِسْتِدْعا ج إِسْتِدْعائون:** ث. [ع] عرض – التجا – گذارش. منٽ – آزي. خواهش. مطالبو – اپيل.
- **إِسْتِدْلال:** ذ. [ع] دليل – ثابتي – ثبوت – حجت.
- **أَسْتَرْج أَسْتَرْ:** ذ. [سن. أ = جوڌاري + سْتَر = ڍڪڻ. پکيڙڻ > سْتَر = تَهه. ف. أَسْتَر] ڪپڙي جو هيٺيون تهه – ڪوٽ وغيره جو اندريون ڪپڙو. [سن. أَسْوَتَر] خجر. [سن. أَسْتر] هٿيار.
- **أَسْتَر ڏِين:** پسي يا پاڻي کي اندران ٻيو ڇمڙو ڏيڻ. ڪوٽ وغيره کي اندران ڪپڙي جو تهه ڏيڻ.
- **أَسْتَرکاري:** ث. لنب – ليپو.
- **أَسْتَرْ ج أَسْتَر:** ذ. [ف. سْتور. أَسْتور] کو ورلي مادي خچر مان پيدا ٿيل خچر – نهايت طاقتور خچر.
- **أَسْتَرآباد:** اسم خاص. بحر قزوين تي مازندران جي علاقي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو.
- **إِسْتَراحَتْ:** ث. [ع] راحت – آرام – عيش.
- **إِسْتَرْخا ج إِسْتَرْخاءَ:** ذ. [ع] ڪنهن به عضوي جي ڍرڙي ٿيڻ جي حالت – بيماري. ٻو هڪ قسم.
- **إِسْتِرْدادْ:** ذ. [ع] ڪاب شي موٽائي گهرڻ جي حالت.
- **أَسْتَرْک أَسْتَرگ:** ذ. [ف. يوناني. أَسْتَرک] سلاميت – سلارس (رجوليت وڌائڻ جي هڪ دوا).
- **أَسْتَرگي أَسْتَرْگي:** ث. [ف. سْتَرگ = بزرگ. عظيم. اهم] ترغيب – تحرک ڏس – سڪاوت. طاقت. چالاکي – هوشياري – ڏاڍائي.
- **أَسْتَرو ج أَسْتَرا:** ذ. [ف. أَسْتَره < مصدر. سْتَرْدَنْ = کوڙڻ] پاکي.
- **إِسْتِري ج إِستريون:** ث. [سن. سْتْري = زال] عورت – جوءِ ۽ زال. ڏوهين ۽ درزين جو هڪ لوهي اوزار جنهن کي تپائي ڏوتل ڪپڙي کي لسر ۽ هموار بنائيندا آهن.
- **إِستري پِرن:** إستريءَ ۾ اگر وجهڻ – استري تيار ڪرڻ.
- **إِستري چَندڻ:** تتل استريءَ مان تاندا ڪڍڻ.
- **إِستري ڏَڻ:** زال جي خاص ملڪيت.
- **إِستري ڪَرڻ:** ڪپڙي کي سڌي ڪرڻ لاءِ لوهه گهمائڻ.
- **إِسْتِسْقا:** ث. [ع. إِسْتِسْقاء = پاڻي گهرڻ] خدا کان پاڻيءَ جي گهڑ – برسات وسڻ جي گهڑ. تمام گهڻي آڇ لڳائيندڙ هڪ بيماري – جلندر. آلي – ڏوگهو.
- **إِسْتِسقاءِ طَبْلي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ غليظ هوا سان جسم پرجي ويندو آهي).
- **إِسْتِسْقاءِ لَحْمي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ عضون تي سوڄ ٿئي).
- **إِسْتِسْقاءِ زَقي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ معدي. دل ۽ جگر ۾ پاڻي جمع ٿئي).
- **إِستِصواب:** ذ. [ع. صوبَ – ءِ صحيح هجڻ] راءِ ونڊ – مشورو.
- **إِسْتِطاعَتْ:** ث. [ع. استطاعة] طاقت – سگهه – قوّت – زور. حيثيت – مقدور. وَس – پجندي.
- **إِسْتِطْراد:** ذ. شعر يا قصيدي ۾ هڪ ڳالهه جڏي ٻيءَ ۾ ٽپي پوڻ جي حالت.
- **إِسْتِعارو ج إِسْتِعارا:** ذ. [ع. إِسْتِعاره = اڌارو ونڊ] اها تشبيهه جنهن ۾ تشبيهه جو حرف (جهڙو. جئن. جيان. وانگر) ڪم نه آڻجي مثلاً "هو شينهن آهي" (= هو شينهن جهڙو بهادر آهي). ايمان رويڪ
- **إِسْتِعانَتْ:** ث. [ع. إِسْتِعانه = مدد گهرڻ] مدد جي گهڑ – واهر جي طلب – امداد.
- **إِسْتِعْبادْ:** ذ. [ع] عبد يا ٻانهون بنائڻ جي حالت – غلامي.
- **إِسْتِعْجابْ:** ذ. [ع] عجب – حيرت.
- **إِسْتِعْدادْ:** ذ. [ع] تيار رهڻ جي حالت – تياري. لياقت – قابليت. ذهني طاقت.
- **إِسْتِعْفا ج إِسْتِعْفائون:** ث. [ع. إِسْتِعفاء = معافي گهرڻ] نوڪري يا عهدي ڇڏڻ جي درخواست. معافيءَ لاءِ عرض.
- **إِسْتِعْمال:** ذ. [ع] عمل ۾ آڻڻ جي حالت – ڪم آڻڻ. عمل. تجربو – ازمودو. ورزش.
- **إِسْتِعْمال کَرڻ:** ڪتب آڻڻ – ڪم ۾ آڻڻ.
- **إِسْتِعْمالي ج إِسْتِعْمالِيون:** ث. عمل – ڪم آڻڻ جي حالت. آزمائش – تجربو – آزمودو. (صفت) ڪم جي لائق. دستوري – معمولي. مستعمل.
- **إِسْتِغاثَ:** ذ. [ع. إِستغاثه = مدد لاءِ پڪار] فرياد – دانهن – مقدمو – ڪيس. دريافت.
- **إِسْتِغْراق ج إِسْتِغراق:** ذ. [ع] غرق ٿيڻ جي حالت. ڪنهن خيال يا فڪر ۾ پڻجي وڃڻ جي حالت. ڏڻيءَ پاڪ جي يادگيريءَ يا بندگيءَ ۾ محويّت – انتر ڌيان – ٽٻي. ڏَڻ.
- **إِستغْراقِي ج إِستغراقيون:** ث. محويت – ٽٻي – ڏَڻ.

• **اِسْتِغْفارْ ج اِسْتِغْفارْ:** ث. [ع] مغفرت گهرڻ. گناهن يا پاپن جي بخشش لاءِ دعا يا گهُر – توبہ زاري. توبہ جو ڪلمو.
_ **اِسْتِغْفارْ پڙهڻ:** توبہ ڪرڻ – معافي گهرڻ.
_ **اِسْتِغْفارْ ڪرڻ:** توبہ ڪرڻ – بخشش گهرڻ.
• **اَسْتَغْفِرُاللّٰه:** ڪلمو. [ع] آءٌ خدا ڪان معافي گهران ٿو. ڪنهن غلطيءَ تي خبردار ٿيڻ وقت چوڻ جا الفاظ. خدا بچائي. توبہ.
• **اِسْتِغْنا ج اِسْتِغْنائُون:** ث. [ع. اِسْتِغْناءٌ = غني يا بي پرواه ٿيڻ] غنا – تونگري – شاهوڪاري. بي نيازي – خودداري – بي پرواهي.
• **اِسْتِفادَهْ:** ذ. [ع. اِستفاده = فائدو پرائڻ. فائدي جي حاصلات. نفعو – فائدو.
• **اِسْتِفاضَهْ:** ذ. [ع] فيض جي حاصلات.
• **اِسْتِفْتا:** ث. [ع. اِسْتِفْتاءٌ = فَتْويٰ گهرڻ. مقدمي جو نتيجو – فيصلو – فتويٰ – شرعي فيصلو.
• **اِسْتِفْراغْ:** ذ. [ف] قَيءَ ڪرڻ – پيٽ صاف ڪرڻ.
• **اِسْتِفْسارْ ج اِسْتِفسارْ:** ذ. [ع. اِسْتِفسار = تفسير گهرڻ] پڇا ڳاڇا – حقيقت جي جاچ.
• **اِسْتِفْعالْ:** ذ. [ع. اِسْتِفْعالٌ = ڪنهن به ڪم جي خواهش ڪرڻ] ڪم جي خواهش. عربيءَ ۾ اسم مصدر جو هڪ وزن (جنهن تي هن صفحي ۾ آيل ڪي لفظ ٻڌل آهن).
• **اِسْتِفْهامْ ج اِسْتِفْهامْ:** ذ. [ع. اِسْتِفْهام = سمجهڻ جي خواهش ڪرڻ] ڪنهن ڳالهہ ڪي سمجهڻ لاءِ پڇيل سوال. گرامر ۾ سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندڙ ضمير. ("آدات اِسْتِفْهام" يا "حُرُوفْ اِسْتِفْهامْ" = سوال پڇڻ جا حرف آهن. جهڙوڪ: ڇو، ڇا، ڇالاءِ، آيا. ڪجاڙ، وغيره).
_ **اِسْتِفْهامْ اِنْڪاري:** ذ. انڪار جي معنيٰ ظاهر ڪندڙ سوال مثلاً "ائين وري ڪيئن هوندو؟ يعني "ائين ڪونہ هوندو".
_ **اِسْتِفْهامي:** ذ. صفت. سوال جو.
• **اِسْتِقامَتْ ج اِسْتِقامَتُون:** ث. [ع] مضبوطي – پختائي. بيهڪ – بينلائي – ثابت قدمي. اُستواري – اِسْتِي.
• **اِسْتِقْبالْ ج اِسْتِقْبالْ:** ذ. [ع. اِسْتِقْبالٌ = اڳيان مرحبا لاءِ وڃڻ] ۾ جار قدم اڳتي هلي ڪنهن کي ملڻ – مرحبا – آجيان – آءُ ڀڳت – پيشوائي – آدر ڀاءُ – پذيرائي. ايندڙ زمانو – آئيندہ ـ مستقبل "ڪنين ماضي من ۾، ڪنين اِسْتِقْبالْ" (شاهہ).
• **اِسْتِقْراءْ ج اِسْتِقْراءَ:** ذ. [ع] ڄڪاس. تحقيقات. علم منطق ۾ خاص قضين مان عام قياس (نتيجو) ڪڍڻ.
• **اِسْتِقْرارْ:** ذ. [ع. اِستقرارٌ = قرار وٺڻ. ڪَنڀ ٽيڻ. جمي وڃڻ] قرار. جمت.
• **اِسْتِقْصاءْ:** ذ. [ع. اِسْتِقْصاءٌ = توڙ تائين ڳالهہ کي نيڻ] سري ڪان توڙ تائين تلاش.
• **اِسْتِقلالْ ج اِسْتِقلالْ:** ذ. [ع] مضبوطيءَ سان هڪ ڳالهہ تي بيهڪ – پختگي – ثابت قدمي – خودمختياري – آزادي.
• **اِسْتِقْلالِيّت:** ث. غير محدود اختياري.
• **اَسْتُڪارْ:** ث. [سن. اَ = نہ + سْتُڪارَ = چگو عمل. چگو سلوڪ. مرحبا. آدر. پذيرائي. آجيان. مهمان نوازي. مان. عزت] بي عزتي – بي مائائي. بي حرمتي – نرادر.
• **اِسْتِڪْبارْ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْبارٌ = پاڻ کي وڏو سمجهڻ] تڪبّر – هنڊ.
• **اِسْتِڪْثارْ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْثارٌ = ڪثير يا گهڻو گهرڻ] گهڻائي – جهجهائي.
• **اِسْتِڪْراهْ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْراهٌ = ڪرهت اچڻ] ڪرهت – نفرت.
• **اِسْتِڪْشافْ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْشافٌ = ڪنهن شيءِ کي ظاهر ڪرڻ] اظهار – ظهور – ڄڻائي – پيدائي.
• **اِسْتِڪْمالْ ج اِسْتِڪْمالْ:** ذ. [ع. اِسْتِڪْمالٌ = ڪمال جي خواهش رکڻ] ڪمال.
• **اِسْتِلامْ:** ذ. [ع] حجر اسود کي چمڻ يا هٿ لائڻ جي حالت.
• **اِسْتِماعْ ج اِسْتِماعْ:** ذ. [ع. اِسْتِماعٌ = ڪن ڏيڻ. ٻڌڻ] خبر – افواه
• **اِسْتِمْدادْ:** ث. [ع. اِسْتِمْدادٌ = مدد وٺڻ] مدد – واهر.
• **اِسْتِمْرارْ:** ذ. [ع. اِسْتِمْرارٌ = هليو هلڻ] دائمي طرح ٽيندڙ ڳالهہ. جاري – جالو.
_ **اِسْتِمْراراً:** ظرف. دائماً – متواتر – لاڳيتو.
• **اِسْتِمْراري:** ذ. صفت. جاري رهندڙ – دائمي هلندڙ. گرامر ۾ جاري رهندڙ ڪم لاءِ ڪم ايندڙ زمان (زمان حال استمراري. مستقبل استمراري يا ماضي استمراري).
• **اِسْتِنْباطْ:** ذ. [ع. اِسْتِنْباطٌ = قرآن شريف يا حديث جي آدار تي ڪو نئون مسئلو ڳولي ڪڍڻ] نئين مسئلي جي ايجاد.
• **اِسْتَنْبُولْ:** اسر خاص. [ترڪي. اِستانبول] اسلام بول – قسطنطنيہ – ترڪي سلطنت جي اڳين گاديءَ وارو شهر.
• **اِسْتِنْجا:** ث. [ع. اِسْتِنْجا = ناپاڪائيءَ کان نجات پائڻ] جهاڙي يا پيشاب بعد طهارت يا مسحو.
• **اُسْتادْ ج اُسْتا:** ذ. صفت. [ع. اُستاذٌ] اوستو – ڪنهن هنر جو استاد – ڪاريگر. مستري – رازڪو يا واڊڪو ڪم ڪندڙ.
• **اِسْتِواءْ:** ث. [ع. اِسْتِواءٌ] برابري – هڪ جهڙائي (خط اِستوا – اوير ڪان اولهہ ڏي زمين کي پورن ٻن پاڻ ۾ ورهائيندڙ خيالي ليڪ).
• **اُسْتُوارْ:** صفت. [ف] مضبوط – محڪم – قائم – پختو – ڏاڍو –

پکو -- اُسٽ.

• **اُستواري:** ث. مضبوطي - پختائي - پکائي - ڏاڍائي.

• **اُسٽ وسٽ:** ذ. [ف] سريسترو احوال -- وچور -- خيفيت.

• **اُسٽور:** ذ. [ف. سٽور. اُسٽور] رهڻ گهوڙو. خچر.

• **اِسٽ وسٽ:** ث. صفت. [سن. اَسْوَسْتَ. وِسْتَ. وِسْتَسْتَ. اَوْيَوْسْتَ. اَوْوَسْتَ. = بي ترتيب] ترتيل -- پکڙيل -- بي قاعده _ بگڙيل -- اُبتڙ سبتڙ -- ڪروکر. ڪکو وکو.

• **اِسْتِهْزا:** ث. [ع] ٺولي -- کل -- مسخري -- جٽر.

• **اِسْتِيصال:** ذ. [ع. اِسْتِئْصال = اصل يا ياڙ کان پٽڻ] سيخ ڪني -- ٽُڪس نُڪس -- ستيا ناس -- پائمالي.

• **اِسْتِيلا:** ذ. [ع] غالب پوڻ -- غلبو.

• **اُسْتِيلو:** اسم خاص. ضلع دادوء ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِسْڌاپڻ ج اِسْڌاپڻ:** ذ. [سن. سْڌاپڻ = بيهارڻ. ڪڙو ڪرڻ. بنياد وجهڻ. دل جا خيال پختا ڪرڻ] بنياد -- پايو. رهايش جي جاءِ.

_ **اِسڌاپڻ ڪرڻ:** بيهارڻ - قائم ڪرڻ -- بنياد وجهڻ. ٿاپڻ -- برپا ڪرڻ.

• **اُسڌاڻ ج اُسڌاڻ:** ذ. [سن. سْڌان = بيهارڻ] اُستان -- جاءِ _ هنڌ -- ماڳ -- مڪان.

• **اِسْڌرُ:** صفت. [سن. سْڌِر = قائم]. قائم مضبوط - پختو. نبيهه.

_ **اِسْڌرتا:** ث. ٻيلائي -- پختائي -- آرام. استقامت.

• **اِسْڌَلُ ج اِسْڌَل:** ذ. [سن. سْڌَلَ = پختو ٻيهڻ] پختي زمين -- خشڪي -- ڪنارو. ماڳ -- جاءِ _ هنڌ -- مڪان. ٽل. آستان.

• **اِسڻ:** ذ. پستان "اِسڻ ڪامڻ ناريل هين. انگيا سوپيا مان".

• **اَسڻگ ج اَسڻگ (ث):** ذ. صفت. بلڪل نڪون -- تهدر -- ڪورو.

• **اِسْڏُولُ ج اِسْڏُول:** ذ. صفت. [سن. سْڏُول = ٿلهو] ٿلهو -- متارو -- جاڏو -- پاري -- ڳورو. "سُوڪيمر" جو ضد. مت جو موڙهو -- ٿلهيءِ سمجهه وارو -- اڄاڻ -- پالو پولو. ڏکيو. گاهه جو هڪ قسم.

_ **اِسْڏُولُ شريرُ:** ذ. صفت. جاڏو جسم -- ٿلهو بدن - ڦيڦو.

• **اَسڏ:** ذ. صفت. ڪم نہ اَندل -- بلڪل نڪون -- تهدر.

• **اِسْڏاڦ ج اِسْڏاڦ:** ذ. [انگ. staff] عملو -- ڪاتي يا آفيس جا ملازم.

• **اِسڏاڪ:** ذ. [انگ. Stock] ذخيرو. واپار جو مال.

• **اِسڏال:** ذ. [انگ. Stall] ميڙي يا نمائش ۾ ڪنهن به جنس جي شين جو دڪان.

• **اِسْڏامْپ ج اِسْڏامْپ:** ذ. [انگ. stamp] دستاويز وغيره لاءِ سرڪاري ڇاپ لڳل ٽڪيٽ -- اسٽامپ.

• **اِسْڏانڊ ج اِسْڏانڊ:** ذ. [انگ. stand] پڙي -- گاڏين وغيره جي بيهڻ لاءِ اڈو.

• **اِسْترائيڪ ج اِسْترائيڪون:** ث. [انگ. strike] هڙتال -- ڪم ڪندڙن جو ڪم ڪرڻ ڪن حوالي.

• **اِسْڏَمْپ ج اِسْڏَمْپون:** ث. [انگ. stump] بڇ ٻاڦ راند ڪرڻ ۾ ڪٽل ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي.

• **اِسْڏُوڊَنْٽ ج اِسْڏُوڊَنْٽ:** ذ. [انگ. student] پڙهندڙ -- شاگرد -- طالب العلم.

• **اِسْڏول ج اِسْڏول:** ذ. [انگ. stool] ڪاٺيءِ مان ٺهيل ڇوٽڪي -- ڇٽن ٽنگن واري تحتي ٽڪل منجي.

• **اِسْڏِي ج اِسْڏِيون:** ث. ل: ث [سن. سْتْري] عورت -- زال -- اِستري.

• **اِسْڏيٽ ج اِسْڏيٽون:** ث. [انگ. state] رياست -- جاگير. غير متحرڪ جائداد. [انگ. state] رياست. راجڌاني.

• **اِسْڏيڄ ج اِسْڏيجُون:** ث. [انگ. stage] ڪنهن تقريب ڪرڻ لاءِ يا ناٽڪ تماشي لاءِ ٽٻلهو صندل يا چبوترو.

• **اِسْڏيشَن ج اِسْڏيشنُون:** ث. [انگ. station] ريل گاڏيءِ جي بيهڻ جي مقرر جاءِ _ ايستگاه گودي. ٽاڪو -- ٽڪاڻو -- مڪان.

• **اِسْڏيشنري ج اِسْڏيشنريُون:** ث. [انگ. stationary] آفيس ۽ لکپڙهه ۽ ڪم اڇڻ جو سامان.

• **اِسْڏيل ج اِسْڏيلون:** ث. [انگ. steel] لوهي نب سان قلم.

• **اِسْڏيل:** ذ. [انگ. Steel] رڪ _ فولاد.

• **اِسْڏيمَر ج اِسْڏيمَر:** ذ. [انگ. steamer] آڳبوٽ -- پاڻيءِ جو جهاز.

• **اَسْپ ج اَسْپ:** ذ. [ف. اَسْپ: سن. اَشْو] گهوڙو.

_ **اَسْپ تازي:** ذ. تيز رفتار عربي گهوڙو.

• **اِسْپتال ج اِسْپتالون:** ث. [انگ. hospital] بيمارن جي علاج جي جاءِ _ شفا خاتو -- دواخانو.

_ **اِسْپتالي ج اِسْپتالي:** ذ. صفت. اسپتال ۾ رهڻ جو لائق -- بيمار -- مريض -- اڳهو. چرين جي اسپتال ۾ رهڻ جو لائق. چريو -- اڌ مغزي.

• **اِسْپرٽ:** ذ. [انگ. spirit] جوهر -- روح -- جذبو. گاڏيءِ جو تيل. شراب.

• **اِسْپرنگ ج اِسْپرنگ:** ذ. [انگ. spring] لوهه جو ويڙهو. لوهه جو وڻ وڪڙن وارو ويڙهو.

• **اِسْپنج. اِسفنج:** ذ. [انگ. sponge] اسفنج -- امر مُرده مُنل ڪکر.

• **اِسْپنڈ:** ذ. [ف. سپند. اِسْپند] هر مرو -- پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **اِسْپن اَنڈي:** اسم خاص. بلوچستان ۽ جهونو غرق ٽيل ڏاڙو جنهن جي ڪوٽائي سينٽ جان 1881ع ۾ ڪرائي.

• **اِسْپنگر ج اِسْپنگر:** ذ. [ف. اَسْپغول < اَسپ = گهوڙو - غول = ڪن. هن ٻوٽي جو ٻج گهوڙي جي ڪن جهڙو ٿيندو آهي] دوا طور ڪم

ايندڙ پڄ جو هڪ قسم.

- **اِسپيڪٽر جي ٿهي:** ث. اِسپيڪٽر جون ڪلون.
- **اِسپيشل:** ڏ. صفت. [انگ. special] خاص. مخصوص. جداگانه.
- **اِسپيشل ڪلاس:** ڏ. خاص ڪلاس.
- **اِسپيشل مئجسٽريٽ:** ڏ. سرڪار طرفان ٻه پگهار خاص طرح ڏيڻيل مئجسٽريٽ.

• **اِسپيڪر ج اِسپيڪرز:** ڏ. [انگ. speaker] تقرير ڪندڙ - مقرر - ليڪچر ڪندڙ - ليڪچرار. قانون ساز مجلس ۾ چونڊيل تقرير ڪندڙ.

• **اِسپين:** اسم خاص. [انگ. Spain] هسپانيه - اندلس - فرانس جي ڏکڻ اولهه ۾ يورپ جو هڪ ملڪ.

• **اَسَجَنُ ج اَسَجَنَ:** ڏ. [سن. ا ـ ن - سڄبه - سجو + جَن = شخص] ڪوڙو شخص. ڪُجَن - دشمن - بدخواهه. "سَجَنُ" جو ضد.

• **اَسَجُ ج اَسَجَ:** ڏ. صفت [سن. ا ـ ن - شَج = صاف] ميرو - گدلو - ناپاڪ - غليظ.

• **اِسحاق:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي فرزند ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي والد جو نالو. جو بن هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي.

• **اَسَدُ ج اَسَدَ:** ڏ. [ع] سنڌن، آسمان جي برجن مان هڪ جو نالو - شنگهه. راس.

• **اَسَدُاللّٰه:** اسم خاص. [ع] حضرت امام حسينؑ، حضرت علي رضه جو لقب.

• **اَسَدُ ج اَسَدَ:** اسم خاص. [سن. ا ـ ن - سدّ - پورو] ان پورو. اڌ پڪو - ڪچو - ناقص. بيمار. جڏو. ڪوڙو.

• **اَسَدُ ج اَسَدَ:** صفت [سن. ا ـ ن - سدّ - پورو] ان پورو. اڌ پڪو ۽ ڪچو - ناقص. بيمار. جڏو. ڪوڙو.

• **اَسُرُ ج اَسُرَ:** ڏ. [سن. اسرا - صبح. پرڀات] اڌ رات کان پوءِ، جو وقت - پرهه ڦٽي ۽ ڪاڪ جي ميڙ - انبرت ويلو - صبح صادق - پوئين رات - رات جو پويون پهر - اَسور.

• **اسر:** ڏ. جن. ديو. هندو ڏانهن ڪٿا موجب هڪ مخلوق ڏکڻ قطب ۾ رهي ٿي ۽ سدائين ديوتائن سان جنگ ۾ مصروف رهي ٿي.

• **اَسَرَ ويل:** ظرف. [سن. اسرا - ويلا - وقت. مند] پڄ پني - پرڀات - ڏکي، جو - پوئين رات - جڏن مهل - پرهه ڦٽي، "اَسَرَ مندو اَسرو. وڳڙ ڪي وڏو" (مثل).

• **اَسرات ج اَسراتُون:** ث. [سن. اشٽ + اس + ت] اَسات - اڄ - ترسٽا پڄاڻ.

• **اَسراتِجَڻُ (ت):** مصدر. [سن. اَس + ڀرڻ] اَساتجڻ - اڄاڻجڻ - تمام گهٽي آڄ ٽڪڻ.

• **اِسْرار ج اِسْرارَ:** ڏ. [ع ۱. سرّ ج أسرار - ڳجهه - راز ۲. ع. إسرار - لڪ ۽] ڳجهه - پيد - ڳجهيون ڳالهيون - ڳجها ڪم - راز رنگ. جن پوت جو اثر - ڪامڻ - دوهه - آسيب. عجائب. تماشو. حيرت.

- **اِسراري ج اِسْراري:** ڏ. جادو گر - پويو - ٻاڻيو.

• **اِسْرافُ ج اِسْرافَ:** ڏ. [ع] حد کان ٻاهر وڃڻ جي حالت - فضول خرچي - بي تحاشا خرچ. اهڙو خرچ هڪ فالتو.

• **اِسْرافِيل:** اسم خاص. [ع] جنن وڏن فرشتن مان هڪ جو نالو. جو ڏينهن جي قيامت ڪڻ ڪ صور ۾ ڦوڪ ڏيندو.

• **اِسْرامَرَ:** اسم خاص. هڪ ڏاڍ جو نالو.

• **اِسْرانو:** اسم خاص. هڪ ڏاڍ جو نالو - اِسران.

• **اِسْرانُ:** اسم خاص. هڪ قوم جو نالو - اَسرانو.

• **اَسْرانُ ج اَسْرانُون:** ث. [سن. اوسارڻ - ٻري ڪرڻ] درگذر - معافي - ڪمي.

• **اِسْراءُ:** ڏ. [ع. اسراء - رات جو مسافري ڪرڻ] رات جي مسافري - ليلةُ الاسراء. معراج جي رات.

• **اِسْرائِيل:** اسم خاص. [ع] حضرت يعقوب عليه السلام جو اصلي نالو (بني إسرائيل - حضرت يعقوب جو اولاد. يهودي).

• **اَسْرَڏا ج اَسْرَڏائُون:** ث. [سن. أ ـ ش - شَرَدَا = اعتبار] بي اعتباري - بدگماني - اوسواس.

• **اَسْرَڏُ (ث):** مصدر. وڻ جا پن پڻ يا روڙڻ.

• **اَسْرَ ڳلو ج اَسْرَڳلا (ت):** ڏ. صفت. [سن. اسر - دئيت + گل - گل] بدڇال.

• **اَسْرَڻ:** صفت. [سن. ا ـ ش - شَرَن - بنده] بي واهو - بي سمجهه - بي ڪس - بي ناهو.

• **اَسْرڻ:** مصدر. [سن. أد - مڻي - سرڻ - گذرڻ. وڃڻ] انبرڻ - وڏڻ مڻي چڙهڻ. روانو ٿيڻ - آسهيڻ وڃڻ - هلڻ ٽڪرن. "اسرو - اَسرندو - اَسريل".

• **اَسرائڻ:** مصدر "اَسرڻ" جان متعدي بالواسطه. وڌائڻ. روانو ڪرڻ.

• **اَسري لَنگهڻ (ت):** آدي جواب جي ڀاڪ رکڻ.

• **اَسَرِيرُ ج اَسرير:** ڏ. صفت. [سن. أ ـ ش - شريڙ - جسم] سريڙ کان سواءِ - بي جسم - بي جان نر اڪار - روحاني.

• **اَسڙڪڻ، اوسڙڪڻ، اوسڙڻ:** مصدر. [سن. أشْ - اَس] اوسيڙو. هٿرو - انتظار ڪرڻ. آپي آوسڙان آس ۽ جهليو ڪن ڪنارا. آس ۽

پتکڻ – اڇايو رلڻ. ڪلڪ. ناسون هڻڻ. بک ۾ پاهه ٽيڻ. سڏ ڪرڻ – سڪڻ "منڊ ۾ منهن ويهه. آپي اوسڙ ٿاس ۾ " شاهه ڪريمر. (اُسڙڪيل ـ اُسڙڪندو – اُسڙڪيو).

- **اُسڙن:** اس ۾ پتکڻ. ڪاڙهو سهڻ.
- **اسسٹنٹ:** صفت. [انگ. assistant] مددگار. نائب. عيوضي.
- **اُسطُرلابَ ج اُسطُرلابَ:** ذ. [يوناني] سڃاڻ ۽ تارن جي اوڇائي معلوم ڪرڻ جو اوزار.
- **اُسطوان ج اُسطوان:** ذ. [ع. اُسطوانه] ٿنڀو – رڪن – پيل پائو.
- **اُسطوخُدوس:** ذ. [يوناني] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڪر – levander.
- **اُسطُور:** ذ. [ع. اُسطوره] آکاڻي – قصو ـ افسانو.
- **اُسعار:** ذ. [ع. سِعْر ج اسعار] قيمتون – اگهه.
- **اِسعاف:** ذ. [ع] مددگار – عطا ڪاري.
- **اَسعَد:** ذ. صفت. [ع. "سَعِيدٌ" جي تفضيل] تمام خوش – سڀ کان خوش – آسودو.
- **اَسَف ج اَسَف:** ذ. [ع] ارمان – غم "وأسفا = افسوس. واويلا".
- **اَسفار:** ذ. [ع. سِفْر ج اَسفار] سفر – مسافريون – بنڈ. [ع. سِفْر ج اَسفار] ڪتاب (خصوصاً پيشينگوين جا) – تحريرون – نسخا.
- **اَسفَل ج اَسافِل:** ظرف. [ع. "سافِلٌ" جو تفضيل] وڌيڪ هيٺ – سڀ کان هيٺ.
- **اَسفَل السّافِلين:** ظرف. هيٺين کان هيٺ.
- **اِسفنج:** ذ. سمنڊ ۾ خاص جيتن جو ناهيل هڪ قسم جو سوراخدار مادو جيڪو رهڻ جهڙو نرم ٿئي.
- **اِسفَنْدَ:** ذ. [فـ. سپند. اِسپند] هڪ پسارڪو وکر – هرمرو.
- **اِسفَنْديار:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ قديم پهلوان "ابن گشتاسپ" جو نالو (جنهن کي رستم ماريو هو).
- **اِسقاط ج اِسقاط:** ذ. [ع] حمل ڪيرائڻ جو عمل – ڪُهائي – ميٽ جي ساري عمرجي ڪاڏي پيتي ۽ گناهن جو ڪفارو (بخشائڻ).
- **اِسکاٹلَنڈ:** اسم خاص. [انگ. Scotland] انگلنڊ جي لڳ اتر ۾ هڪ ملڪ جو نالو.
- **اِسکالَر:** صفت. [انگ. scholar] عالم – اديب – ماهر. تعليم ونڍ لاءِ وظيفو ڪنندڙ.
- **اِسکالَرشِپ ج اِسکالَرشِپون:** ث. [انگ. scholarship] طالب العلم جي امداد – وظيفو.
- **اِسکاؤٹ ج اِسکاؤٹ:** ذ. [انگ. scout] اسڪولي شاگردن يا ٻين وڏن جي منظم جماعت (جا اويل سويل ماڻهن کي ڪم اڇي. ۽ گم ٿيلن جي تلاش ڪري).
- **اِسکرو ج اِسکرُو:** ذ. [انگ. screw] لوهه جو پيچ – بولٽ جي هوڙ ڪولڙ جو پيچ.
- **اِسکرو ڈرائيور:** ذ. پيچڪش.
- **اِسکَنْدَر:** اسم خاص. [يوناني. Alexander] سڪندر – يونان جو مشهور بادشاهه.
- **اِسکَنْدَري:** صفت. اسڪندر جو. اسڪندر جهڙو – نهايت اعليٰ.
- **اِسکَنْدَرُونا:** اسم خاص. شام ملڪ جو هڪ بندرگاهه
- **اِسکَنْدريَہ:** اسم خاص. مصر جي اتر طرف هڪ مشهور شهر ۽ بندر گاهه جو نالو – Alexanderia.
- **اِسکَنْڈ ج اِسکَنْڈ:** ذ. [سن. سْكَنْدَ = ڪنڌ. انساني علم جو پاڻو] اڌياءِ – باب – فصل – داستان.
- **اَسکَني:** اسم خاص. پنجاب جي چناب نديءَ جو آڳاتو نالو.
- **اَسکَن:** مصدر. [سن. اَنْسَكَ = اَتساهي. منتظر. سڪايل. اَنْسَكايه = بي آرام ٿيڻ. بي آرام] سڪڻ – اڪيرجڻ. ڪاڏائڻ. (اسڪندو – اسڪيو – اسڪيل).
- **اَسکَ ج اَسکون:** ث. سڪ – چڪ – ڪشش – اڪير.
- **اَسَکائِيَ:** مصدر "اَسَکڻ" مان متعدي بالواسطه. سڪائڻ – ڪاڏائڻ. دل ٻڌائڻ – آپارڻ.
- **اِسکُول ج اِسکُول:** ذ. [انگ. school] ابتدائي مکتب. تعليم گاهه. درسگاهه. مدرسو – پاٺشالا – ودياالو.
- **اِسکُولِيَر ج اِسکُولِيا (ث):** ذ. صفت. شاگرد – متعلم.
- **اِسکيل ج اِسکيلون:** ث. [انگ. scale] اندازو – درجو – پيمانو. فني يا فتڪتي.
- **اِسکيمَ ج اِسکيمُون:** ث. [انگ. scheme] رٽ – ڪَٽ – تجويز.
- **اَسَک ج اَسَک:** ذ. [سن. أ = نہ + سَک = آرام] بي آرامي – گهبراهٽ – بيقراري – بيچيني. بيداري – اوجاگو. (صفت بي آرام. بيقرار "اَسَک جن اوس سي سانجهي رهن سهي" (شاهه).
- **اَسگاهَ ج اَسگاهَ:** ذ. صفت. [سن. اَشْتاگهَ يا اَشْتاگهَ = تمام اوڻهون] اٿاهگهه – عميق. اٿاهه بيحد – آڻنت – آپار. سمنڊ – ساگر.
- **اَسگائِيَ:** مصدر. اَسگائڻ.
- **اَسگَس ج اَسگَسون:** ث. گَسَ گَسَاءِ – نت نتاءِ – اَسڙ گسڙ – گسڙ قسڙ – آڏ ٽيڙ.
- **اَسگُنْڈ، اَسگُنْڈ:** ذ. [سن. اَشْوَ گَنْدَا < اَشْوَ = گهوڙو. اسپ + گَنْدَ = بوءِ. باس] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي – آسڪَنْد –

عروس در پرده (ف).

• **اَسْڪِي ج اَسْڪِيُون (ث):** ث. [سن. سگريا] حامل - پيٽ سان - ڏڪي.

• **اَسڪهائِي ج اَسڪهائِيُون:** ث. [سن. اَ + نَ + شَكْتي = طاقت] بي طاقتي - ڪمر قوتي - ڪمزوري. بيماري - ناڇاڪائي.

• **اَسڪهَڻي ج اَسڪهَڻيوُن:** ث. سَرڪي - ڇڪي.

• **اَس گهَنڊِڻي ج اَس گهَنڊِڻيُون:** ث. چانڊوڪي، رات ۾ ڪرڻ جي هڪ ٻاراڻي راند - اَس گِنڊي (ت).

• **اَسڪهر ج اَسڪها:** ذ. [ع. سن. اَ + نَ + شَكْت =طاقت] ڪمزور - هيڻو - ضعيف - بي طاقت - ڏهرو - ناتوان. ٽڪل نا ڇڪو - بيمار.

• **اَسْلاف:** ذ. [ع. سَلَف ج أسلاف] اڳئين زماني جا بزرگ ۽ نيڪ انسان - وڏا - ابا ڏاڏا.

• **اِسْلامُ:** ذ. [ع. إسلام = پاڻ سونپڻ. تسليم ڪرڻ. ڪنڌ جهڪائڻ] دين فطرت. الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي معرفت سڄيءَ انسان ذات ڏانهن موڪليل مڪمل دين.

• **اِسْلامي:** صفت. اسلام جو - اسلام وارو - اسلام سان تعلق رکندڙ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **اِسْلامُ بول:** اسم خاص. [ترڪي. اسلام + بولس = شهر] اِستنبول - قسطنطنيه - ترڪيءَ جو اڳوڻو تختگاهه.

• **اسلام ڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي مٿيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو جتي اول "اسلام ڪوٽ" نالي تالپرن جو قلعو هو.

• **اَسْلِحَه:** ذ. [ع. سلاح ج أسلحه] هٿيار پنوهار - جنگ جو سامان. سامان سڙو - ٽپڙدَڙي.

• **اِسْلِحَ، سُلَحَ:** ذ. [ع. أسلحه] نار يا هُرلي ناهڻ لاءِ ڪانيون وغيره ڳهريل سامان - اڌاوت لاءِ ڳهريل سامان.

• **اَسْلُوبُ ج اُسْلُوبَ:** ذ. [ع] ڪم ڪرڻ يا هلڻ جو نمونو - ڍنگ - طرز - طريقو - رستو. ترتيب - سلسلو.

• **اَسلوب دار:** صفت. سهڻو ترتيب ٽيل. زيبائشو.

• **اَسَلِيَّهْ:** ذ. [ع. اَسَلَه] زبان جي چوٽيءَ کان نڪرندڙ آواز وارا اکر (جهڙوڪ ز، س، ص: جن کي "حروف اسليه" يا "حروف صفيره" به چئبو آهي).

• **اَسَمْ ج اَسَمَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + نَ + سَمْ = برابر. هڪجهڙو] هڪجهڙو نه - ناهموار - نابرابر - غيرمساوي.

• **اِسْمُ ج اِسْمَ:** ذ. [ع] نالو. گرامر موجب ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، جڳهه، خاصيت يا ڪم جو نالو ظاهر ڪندڙ لفظ. هڪ نار يا هُرلي تي پوکيل زمين جو نمبر.

• **اِسمر:** ذ. شيءِ - جنسي (وکر جي)، محصول - سنگ، تصوف جو هڪ اصطلاح.

- **اِسم آلَه:** ذ. اهو اسم جنهن مان اوزار جي معنيٰ نڪري (جهڙوڪ مقراض، مفتاح، مطرقو، وغيره).

- **اِسْمُ اِشارَه:** ذ. اهو لفظ جنهن مان اشاري قريب يا اشاري بعيد جي معنيٰ نڪري - ضمير اشارو.

- **اِسْمَ اَعْظَمْ:** ذ. ڏٺيءِ پاڪ جو وڏو نالو (جو فقط پيغمبرن کي ئي معلوم هوندو آهي. حديثن موجب "اَللّٰه لا اِلٰـه اِلاّ هُوَ الحيّ القيّوم" ۽ "لاَ اِلٰـه اِلاّ اَنْتَ سُبْحانَكَ اِنّي كُنْتُ من الظالمين" اسم اعظم آهن).

- **اِسْمُ بامُسَمّيٰ:** محاورو. جهڙو نالو تهڙا گُڻ - نالي جهڙو لڇڻ.

- **اِسْمُ تَصغيرُ:** ذ. نندڙائيءِ ۽ ٿورڙائيءِ جي معنيٰ ڏيکارينڏڙ لفظ. سنڌيءِ ۾ تصغير ناهڻ لاءِ به نشانيون مستعمل آهن. ۱. مذڪر لاءِ "ڙو" ۽ مؤنث لاءِ "ڙي" ڳڻڻ سان. جيئن ته ٻيڙو = ٻيڙڙو: ڇوڪرو = ڇوڪرڙو: ٻيڙي = ٻيڙڙي: ڇوڪري = ڇوڪرڙي وغيره ۲. فارسيءِ جي اثر هيٺ ڪن خاص لفظن ۾ پويان "ڪ" ڳڻڻ سان ٺهندو آهي. جيئن ته ڪَسيرڙو = ڪسيرڙو يعني جنهن جو ملهه ڪسيري کان ٻه گهٽ هجي - بلڪل گهٽ - ڪميٽو: ٽُڪڙ = ٽڪڙو يعني جنهن جو ملهه ٽڪو ٻه نه هجي - گهٽ ڪميٽو.

- **اِسْمُ تَنْكيرُ:** ذ. اهو اسم جو ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جي ڏالت ڪري. (سنڌيءِ ۾ "ڪ" يا "هڪ" جا الفاظ اسم آڏو اڇي انهن معنيٰ ڏيکارينڏڙ مثلاً ڪو ماڻهو، هڪڙو نينگر، ڪا ڇوڪري، هڪڙي نينگري).

- **اسمُ جَلالي:** ذ. دهشت ۽ بزرگيءِ جي معنيٰ ڏيکارينڏڙ. الله جو نالو "قَهّار، جَبّار".

- **اِسْمُ جَمالي:** ذ. پروردگار جو اهو نالو جنهن مان محبت ۽ شفقت ظاهر ٿئي "ڪريم، رحيم".

• **اِسْمُ جَمعْ:** ذ. (اسم مجموع) هڪ کان وڌيڪ عدد جي معنيٰ ڏيکارينڏڙ لفظ "ٽڙاهه، ٻيڙو، ڪتب، لشڪر، وغيره".

- **اِسْمُ حالِيَه:** ذ. فعل جي اسمي صورت جا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري - ورتمان - ڪردنٽ. (سنڌيءِ ۾ آمر جي پٺيان "ندو يا يندو" ڳڻڻ سان ٺهندو آهي "ڪندو، سمهندو، ايندو ۽ ويندو، وغيره".

- **اِسْمُ خاص:** ذ. ڪنهن ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جو خاص نالو ڏيکارينڏڙ اسم (جهڙوڪ: حمزو، فاطمه، هماليه، سنڌ، وغيره).

- **اِسْم ذاتِ:** ذ. ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيکارينڏڙ اسم (جهڙوڪ:

(بخشي، سخاوت، بهادري وغيره، خدا تعالىٰ جو ذاتي نالو "الله".

- إسْمُ عامّ: ذ. هڪ قسم جي سپني قرن لا، ڪم آيندڙ اسم (جيڏوڪ ماڻهو، جانور، وڻ، جبل، ندي، وغيره).
- إسْمُ فاعِل: ذ. ڪم جي ڪندڙ لاءِ ڪم آيندڙ اسم.
- إسْمُ فرضي: ذ. جڙتو نالو يا تخلص.
- إسْمُ كُمانڀُ: روحاني ذڪر ڪرڻ.
- إسْمُ مُشْتَقّ: ذ. فعل مان نهيل اسم (جيڏوڪ لکڻ مان ليک، وڏن مان وڏائي يا وڏاري وغيره).
- إسْمِ مَعْرِفه: ز. اسم خاص.
- إسْمُ مَعْنيٰ: ذ. اسم ذات.
- إسْمُ مَفْعُول: ذ. ٽيل ڪم جي معنيٰ ڏيندر اسم (جو امر جي بيان ۾ ڪڏن سان ڏيڻ ۾ ڪم ايندڙ تڪميل تڪميل وغيره).
- إسْمُ تَوْيِيس ج إسْمِ تَوْيِيسات: (نحو جو) اسم لکندڙ، اسم شماري ڪندڙ.
- إسْمُ تَوْيِيسي: ث. نالو جو ياد ڪرڻ.
- إسْمِ واڙ: ظرف، نالي وارو، نالو ياد رکڻ.
- إسْماعِيل: اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي ننڍي فرزند جو نالو، جو هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي ۽ قريش ان جو اولاد آهن.
- إسْماعِيلِيّه: اسم خاص. [ع] مصر ملڪ ۾ هڪ هڪ بندرگاهه جو نالو. (صفت) شيعه مسلمانن جو فرقو (جي حضرت جعفر صادق جي پٽ اسماعيل کي ستون امام ڪري مڃيندا آهن).
- أسْمانْ ج أسْمان: ذ. صفت. [سن. أ + ن + أسمان = برابر] هڪجهڙو ن -- ناهموار -- ان برابر.
- أسْماء: ذ. [ع. اسم ج اسماء] نالا (اسم خاص) حضرت ابوبڪر جي نياڻي، جو نالو.
- أسْماءُ الْحُسْنيٰ: ذ. ڏهڻي، پاڪ جا ۹۹ صفاتي نالا.
- أسْمَجه: ذ. صفت. [سن. أ + ن + سُمْ = گند + اڻ ڏين ڏسڻ] بي سمجهه -- ان چاڻ -- نادان.
- أسْمرْتِيُوْن: ث. [أ + ن + سُمْر = ياد ڪرڻ] يادگيري نه رهڻ جي حالت -- وسر -- غفلت -- وسلاڻي، ڇڏواري.
- إسْمرْتِيُوْن ج إسْمرْتِيُوْنات: ث. [سن. سُمْر = ياد ڪرڻ] سُمرتي -- هندو قانون.
- أسْمَرْتُ ج أسْمَرْتُ: ذ. صفت. [سن. أ + ن + سُمرت = سڪهه وارو] بي طاقت -- ان سڪهو -- بي سڪهو -- ناتوان -- هيٺو -- ڪمزور -- لاچار، ستايل.
- أسْمو ج أسْماء: ذ. صفت. [سن. أ + ن + سُمي = وقت] بي وقت -- ڪمبخت، ڪمندائتو -- بي موسمو، ڏڪيو وقت.
- أسْنْ: ث. [سن. أشْمْ = تسڪ] ڏمي -- ڪوسان -- تيت.
- أسْن و آبي: ڪاڙهي گداز ڪئي، ڳاري.
- أسْنادْ ج أسْنادُوْن: ث. [ع. سَنَدْ ج أسانيد - زنجير اخباري] حديث جي روايت جو سلسلو، ثابتيون، قانوني ڪاغذ -- دستاويز.
- إسْناڤ، اسنائيفُ ج إسْناڤ، اسنائيف: ذ. [انگ. سْنائيپ] ڏاندي پکيءِ جو هڪ قسم (نحو حلال پکي. پاڻي جي ڪپ تي رهي ڪاڏو هڻ ڪندڙ).
- أسْنانْ: ذ. [ع. سنّ ج أسنان] ڏند "طبيب الاسنان - ڏندن جو ڊاڪٽر".
- إسْنانْ ج إسْنانْ: ذ. [سن. سْنانَ = وهنجڻ] سنان -- اسڻ -- غسل -- تڙ.
- أسْنْتوش، أسْنْتوكْ ج أسْنْتوش، أسْنْتوك: ذ. صفت. [سن. أ + ن + سْنْتوش = خوش، راضي، قانع] ناراضپو -- ارهائي -- ناخوشي.
- أسْنْجوكْ ج أسْنْجوكْ: ذ. [سن. أ + ن + سْنْيوگ = ميلاپ] قيناڙو -- ان بڻت.
- أسْنْگتْ ج أسْنْگت: ذ. صفت. [سن. أ + ن + أسْنْگت - مناسب] نالائق -- بيهودو، بيڪار.
- أسْنْمانْ ج أسْنْمان: ذ. [سن. أ + ن + سْمان = مان، عزت، احترام] بي مانائي -- بي عزتي -- توهين.
- أسْنْمانِي ج أسْنْماني: ذ. صفت. بي فضيلت -- بي مانو -- بي عزته
- أسْنْهُنْ ج أسْنْهان: ذ. صفت. [سن. أ + ن + سْنْ = جاڻڻ، ڳولڻ] أسونهون -- سونهين يا رهبر کان سوا، اڪيلو -- ناواقف -- نڈر (وجهڙ أسونهن، ڏيهه گهٽوئي ڏوريو (ڪ).
- أسْنْهينْ ج أسْنْهيُوْن: ث. سونهين يا رهبر کان سوا، اڪيلي -- نڈر (جي هو اوگڻ ڪنئي، أسْنْهين؛ تون ڳڻئي ڳڻ (ڪ).
- أسو ج أسا: ذ. [سن] هو، ٻاهر نڪتل ماس جي ڳوڙهي، ڪاڻي، جو اڳهو (ڪ).
- أسو: ذ. [سن. أشوڪ] وڻ جو هڪ قسم -- أسوڪ وڻ جوڙ -- جوڙ، چندن وڻ، ڪيوڙو.
- أسُوْ: ذ. [سن. أشُوْنِج. أسُون] هندڪي سال جو ستون مهينو (جنهن ۾ چنڊ راس الحمل ۾ ايندو آهي ۽ ڏياري ٿيندي آهي. تابني (ڪ).
- أسْوارْ ج أسْوارْ: ذ. [ع. إسْوار: سن. أشْوَ = واڻ -- ڪهوڙي سوار] هڏ وار -- سوار.
- أسْواري ج أسْواريُوْن: ث. هسواري -- سواري (سانس أسْواري. ڪنهي جنهن ڪا ريت رسم (اسامي)، (ف) ڪهاڻين ۽ گهڙن سان لڳائيءِ جو نمونو.

• **اُسوارُ:** ذ. [ع. سُور ج اُسوار] باهرين ديوار. كوٽ - عالم پناه.
• **اُسوارڻ ج اُسوارڻون:** ث. [سن. اَ = نہ + سُوَ = پنهنجو - اَرتَ = غَرَض] بي غرضائي - بي طمعي.
• **اُسوارڻي ج اُسوارڻيُ:** ذ. صفت. بي طمع - لاغرض.
• **اُسوپا ج اُسوپائُون:** ث. [سن. اَ = نہ + شوپا = سونهن] كوجهائي - بد صورتي - بدشكلائي.
• **اُسوءَ، اُسوءُ:** ث. [ع] نمونو - نظير - آدرسن.
• **اُسوءُ حَسَنَهْ:** ث. جگر مثال.
• **اُسويس:** ث. [سن. اُشَس = فجر] فجر مهل - بانگ مهل - اَسرويل.
• **اُسوهَهُ ج اُسوهَهْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُدّ = صاف ڏسڻ، جاچڻ] ناپديد - غير مرئي - بي جسر.
• **اُسوچُ ج اُسوچْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَچ = غم، وِچار] بي غم - لاپرواه، گهيلو - بي سمجهه، بي خيال.
• **اُسوچي ج اُسوچِي:** صفت اُسوچ.
• **اُسوڏَ:** ذ. صفت [ع] كارو.
• **اُسُورُ ج اُسُورْ:** ذ. صفت [سن. اَ = نہ + شُول = درد] بي سور - بي درد - اگوندرو "اَبلُ جي اُسُورُ، پاند نہ پوري تن سان" (سجل). [سن. اَسَرا] رات جو جوٽون پهر - اڌ رات كان پوءِ - پريات - پرهه - پرهه قتيءِ كان اڳ جو وقت - پيچ پني "الله لڳ اُسُورُ اُتائين تي آءِ تون" (شاه).
- **اُسُورُ كائڻ:** روزو ركڻ - سحري كائڻ.
• **اُسُورو ج اُسُورا:** ذ. صفت [سن. اَ = نہ + شُول = سور] بي اوتو - غافل - گينوار - اَسارو.
• **اُسوسُ ج اُسوس (ل):** صفت [سن. اَ = نہ + شُش = سُسن، خشڪ ٿيڻ] تار (پاڻي) - بي انداز (پاڻي) - تمام وڏو "واه ر تہ پاڻي اُسوسُ آهي".
• **اُسوڪ، اُسوگ ج اُسوڪ، اُسوگ:** ذ. صفت. [سن. ا = نہ + شوڪ = ارمان] ارمان نہ ڪندڙ - بي درد - بي غم.
• **اُسوڪي، اُسوگي ج اُسوڪي، اُسوگي:** ذ. صفت. آرام ۽ - آسودو.
• **اُسُون ج اُسُون (ڪ):** ضمير. اسين - اسان.
• **اُسُونهَ ج اُسُونهيُون:** ث. [سن] ان واقف - بيگانو "اڳهين هوند اُسُونهَ، جي جاتارن ياد پون" (شاه).
• **اُسُونهُون ج اُسُونهاڻ:** ذ. صفت. اُسُونهون.
• **اُسُونهين:** ان جاڻن، ناواقفن، جيڪي سونهيون نہ هيون.
• **اُسوهہ ج اُسُوءَ:** ذ. [سن. اُسُوپا] خسڻ - چاوت - ساڙ - ريس - ٻرڪ.
• **اُسهہ:** ذ. [سن. اوسڻ] پورو - سجوئي - سميورن.
• **اَسهہُ ج اَسهہ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نہ سهڻ جهڙو - اَسهَج - برداشت نہ ڪرڻ جهڙو - مَ سَهُو. حاسد.
• **اَسهارو ج اَسهارا (ڪ):** ذ. [سن. اَ = نہ + سهايتا = مدد] بي مددگار - بيواه - چڙو - اڪيلو - يتيم.
• **اِسْهالَ ج اِسْهالْ:** ذ. [ع. اِسْهال = ڊرو ٿي پوڻ] دست (هڪڙو مرض).
- **اِسْهالَ ٿي پوڻ:** دست ٿي پوڻ. ڊجي وڃڻ.
- **اِسْهالَ خُوني:** ذ. رت جا دست - سوري - اَتيسار.
• **اَسهَج ج اَسهَجْ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نہ سهڻ جهڙو - غير مُتَحمّل.
• **اَسهُڪار ج اَسهُڪارَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + سَهَكارْتا = باهمي مدد] ساڻ ڏيڻ كان انكار - قطع تعلقات - ترڪ موالات.
• **اَسُهَل:** ذ. صفت. [ع. "سهل" جو تفضيل] نهايت آسان - سڀ كان سولو - سڀ كان سهنجو.
• **اُسهَڻُ:** مصدر. [پرا. اُوَسيه: سن. اَپسر] وڃڻ - روانو ٿيڻ. (صافريءَ ٻي) سَنبرڻ. (اَسهيو - اَسُ: ندو - اَسهيل
• **اَسهُو ج اَسهُو:** ذ. صفت [سن. اَ = نہ + شَهَ = سهَڻ] نہ سهندڙ - مَ سهُو - حاسد.
• **اسهول:** ذ. هڪ "جهوڪا ميرگهه غزال الڪ، آسها اسهول نيل" (ڏهس).
• **اَسْئلَهْ:** ذ. [ع. سَوال ج اَسئله] سُوال.
• **اَسئو ج اَسئا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَهايَ = دوست] بي يار - بي واهر. مت ڪُٽل - بي عقل - بي وقوف. [سن. اَسَينڪ = اسي ورهيه] اسي ورهيه عمر وارو "انهيءَ پارين اَسئو. چو چئي وڃائي پاڻ" (شاه ڪريم).
• **اَسُئو ج اَسُئا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + سُئو = ٻڌو] ان ٻڌل - گمنام.
• **اَسُئي:** ان - سُئي. اُن سُئل جيڪا سُئل ٻڌل نہ هجي. گهٽ ڄاتل سڃاتل.
• **اَسي:** صفت. [سن. اَشيتَ] هڪ عدد (۸۰) - چار ويهون. [سن. اَس] نرار - ڪاتي - ڇري (جانورن ڪهڻ لاءِ). ڏوڙو يا ڪهاڙيءَ جي اندر پاڪي مر لڳندڙ ڪنڊ. ڪاٽ جي جيريل ڦٽي پٽ مر ڦوٽ.
- **اَسيئُون:** ذ. صفت. اَسي شين مان پويون عدد.
- **اَسيئُونِ:** ث. ڪنهن شيءِ کي اَسي پيرا ڪرڻ.
- **اَسيئُونُ:** ڪنهن شيءِ جو اَسي پيرا ٿيل حصو.
• **اَشيارو ج اَشيارا:** ذ. صفت. پهلوادار - بهادر سان.

• **اَسيرُ ج اَسيرُ:** ذ. صفت. [ع. اَسيرٌ ج اَسرىٰ، اَساريٰ] باندي – قيدي. گرفتار – ورتل – قائل "گنهگارن اسيرن کي اوهان جو آسرو آهي" (قليچ).

– **اَسيري ج اَسيريُون:** ث. بند – قيد.

• **اَسَيَرَ:** ذ. [سن. اَشيرَ] هڪ خوشبودار گاه جي پاڙ – خس.

• **اَسَيران:** ذ. "اسير" جو فارسي ترڪيب موجب جمع – قيدي – باندي.

• **اسير بَلا:** ذ. مصيبت ۾ گرفتار.

• **اسير دام:** ذ. جار ۾ قائل – قيدي. عاشق.

• **اسير زلف:** ذ. محبوب جي وارن جو قيدي – عاشق.

• **اسير قفس:** ذ. پنجري ۾ قائل. قيدي. عاشق.

• **اَسيرُڻ:** مصدر. مثل ماڻهوءَ کي ياد ڪري روئڻ – اوسارڻ.

• **اَسيسَرُ ج اَسيسَرَ:** ذ. صفت. [انگ. assessor] راءِ پيش ڪندڙ – تجويز ڪندڙ – مشير – پنڌڻ. فوجداري مقدمي ۾ ڪيس هلندي پنهنجو رايو ڏيندڙ – جيوري.

• **اَسي ڦُلي:** ث. [سن. اَ + ڦُري = پرجڻ = اَڦري ٿيڻ] جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم – بوڪ – تيڪ (بيماري) – اَلي ڦُلي.

• **اَسيكو ج اَسيكا (ڪ):** ذ. [سن. اَسيسا] وهاٽو – تڪيو.

• **اَسَيمْبلي ج اَسيمْبلِيُونْ:** ث. [انگ. assembly] وڳاڙ يا صوبي وغيره جي انتظامي هلاڻ لاءِ ووٽن ذريعي چونڊيل ميمبرن جي جماعت.

• **اَسين:** ضمير متڪلم. [اَسمي Proto Prakrit] سنڌي زبان جو قديم لفظ. جو سنڌو ايراضيءَ وارين پين پولين ۾ به ساڳيو آهي – اسان.

• **اَسينْدو ج اَسينْدا (ث):** ذ. [سن. اَ + ن + سَنڌا = ملاڻڻ] اڻ واڪف – اڻ سڃاڻ – آسوٺهون.

• **اُسْ:** ث. ٻارن جي ٻاڌاڻي ڪرائڻ وقت ڪيل آواز.

• **اُسْ اُسْ:** حرف ندا. [ف] خوشي – واه واه .. پي اختيار تعريف – عش عش.

• **اُسا ج اُسائُون:** ث. [سن. اُسا] ٻره ڦٽي – ٻرپاٽ – صبح ڪاذب – ڏکي – پينپرڪو.

• **اِشارات:** ذ. [ع. اِشارَة ج اِشارات] اشارا – اَهِجَ. (اسم خاص) "ابن سينا" جو فلسفي بابت هڪ مشهور ڪتاب.

• **اِشارَتُ ج اِشارَتُون:** ث. [ع. اِشارَة] اشارو – اهِجَ "اِشارتون اُن جون، ڪوتاه سُجن" (شاه). ڪنايو. اشارن ۾ ڏنل اهجاڻ. اشارن ۾ رازن رمزن جون ڳالهيون.

• **اِشارو ج اِشارا:** ذ. [ع. اِشارَة] هٿ يا اک سان ميڙ – اهجان – رمز. ڳجهو ڪم – ساڻ – ڪنايو.

• **اِشارو ٿيڻ:** خواب وغيره ۾ ڪهن ڪم بابت غيبي حڪم ٿيڻ.

• **اِشارو ڪرڻ:** پڌاڻ. خبردار ڪرڻ. ٻڌ ڪرڻ.

– **اِشارا هَلڻ:** اکين سان اشارا ٿيڻ – ميڙون.

• **اِشاري بازي:** ث. اشارا ڏيڻ – اک ٻڌڻ.

– **اِشارن ۾ ٻُوڙو ڪرڻ:** پاڻ ۾ ڳجهي نموني انجام اقرار ڪرڻ. اشارن ۾ ئي فدا ڪري ڇڏڻ.

– **اِشاري تي هَلڻ:** ڪنهن جي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ.

– **اِشاري وَهيٽو ج اِشاري وَهيٽا:** ذ. صفت. ٽوري حڪم ملڻ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار.

• **اِشاعَتُ ج اِشاعَتُون:** ث. [ع. اِشاعَة = پَڌرو ڪرڻ] پڌرائي – مشهوري – پرچار – پکيڙ. ڪنهن خاص تاريخ تي نڪتل اخبار. ڇاپو.

• **اَشاعِرَهْ:** ذ. [ع] مذهبي ڪلامي فرقو (جو امام اشعريءَ جي اصولن تي هلندو آهي).

• **اَشانْتِ:** ث. [سن. اَشانْتِي = سانت کان سواءِ] بي آرامي – بي قراري – پريشاني – گهبراهٽ – آشانتي.

• **اشبَ:** صفت. وڏيڪ صحيح. فقہ جو اصطلاح "اِي قول اشبہ آهي ۽ پئي ماخوذ بها"

• **اَشْباح:** ذ. [ع. شَبَح ج اَشْباحُ] شخص. جسمَ.

• **اِشْباعُ ج اِشْباعَ:** ذ. [ع. شَبَعَ = هُوَ ڏائو] شعر ۾ زير، زبر ۽ پيش کي پڙهڻ ۾ ڊگهو ڪرڻ (جيئن زبر وڏي "الف". زير وڏي "ي" ۽ پيش وڏي "و" ٿئي).

• **اَشباهَ ج اَشْباهَ:** ذ. [ع. شَبَهَ] شڪ – شبهو – گمان – وهم. صفت. [ع. شَبَهَ. شَبْهٌ] هڪجهڙا – هڪ جيڏا. هڪ مهانڊا.

• **اِشْباهُ:** ذ. [ع] هڪجهڙي ٿيڻ يا ڪرڻ جو عمل – هڪجهڙائي.

• **اَشْبَهُ ج اَشْبَهَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = ن + شب = چگو. پاڳوارو] نپاڳو – منحوس – بدبخت – اَدورو – برو. بدفالي – بدسون.

• **اِشْتِباهَ ج اِشْتِباهُ:** ذ. [ع. اِشْتِباه = شڪ ڪرڻ] شڪ – شبهو – گمان. مونجهارو.

• **اِشْتِباهي:** ذ. صفت. منجهيل – مشڪوڪ.

• **اُشْتُرَ:** ذ. [ف] شتر – اٺ – ڏاڳهو.

– **اُشْتُرْبانُ ج اُشْتُرْبانْ:** ذ. صفت. شترٻان – ساربان – اونٽي.

– **اُشْتُرْبانِي:** ذ. ول يا ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا پن اٺ جي پير وانگر ٿين).

– **اُشْتُرْخارُ:** ذ. شترخار – ڪانديرو.

– **اُشْتُرْخو:** صفت. تندخو – سوئل موئل. ويروٽو.

• **اَشْتَردارُ ج اَشْتَردارَ:** ذ. صفت. اونٽار – اونٽي.

ـ **اُشْتُرِدل:** صفت. ڊڄڻو گيدي.

ـ **اُشْتُرگاه:** ذ. جراف – زراف.

ـ **اُشْتُرمُرُغ:** ذ. شتر مرغ – اٺ پکي.

ـ **اُشْتُرمُورُ:** ذ. وڏي ماکوڙي.

ـ **اُشْتُروار:** ذ. اُشْتُربار – اٺ جو بار.

• **اِشْتِراک ج اِشْتِراکات:** ذ. [ع] پائيواري – حصيداري – شراکت. شرکت – شموليت "تر وجه اِشتراک = گڏ ملکيت. ورهاست: عَلَي الاشْتِراک = شراکت ۾". چندو.

• **اِشْتِراکِيّت:** ث. [ع] حڪومت جو اهڙو سرشتو جنهن ۾ ملڪ جي ملکيت ۾ سڀني جو هڪ جيترو حصو هجي. حڪومت – سمايه واد – سوشلزم.

• **اِشْتِراه:** ذ. [ع]. خريد.

• **اِشْتِعال ج اِشْتِعالات:** ذ. [ع] ڀڙڪو – جوش – باه. جهڳڙو.

ـ **اِشْتِعال اَنْگيز:** صفت. ڀڙڪائيندڙ – جوش ڏيارينڊڙ (تقرير). فساد کرائيندڙ – مانڊاڻ مچائيندڙ.

ـ **اِشْتِعال اَنْگيزي:** ث. فساد کرائڻ يا باه ڀڙکائڻ جي حالت.

ـ **اِشْتِعال ڏيڻ:** ڀڙکائڻ – همت ٻڌائڻ. باه جاڳائڻ – هٿي ڏيڻ.

• **اِشْتِغال ج اِشْتِغالات:** ذ. [ع] مشغولي – شغل – مصروفيت.

• **اِشْتِقاق ج اِشْتِقاقات:** ذ. [ع] ڪنهن لفظ مان جيري ڪڍيل بنيادي لفظ – ذاتو – بنياد "عِلمُ الاشْتِقاق" = اِشتقاق ڪڍڻ جو علم. صرف. ساڏن وديا.

• **اِشْتِقاقِي:** صفت. اهو لفظ جو پٺي لفظ مان نڪتل هجي – مُشْتَق.

• **اِشْتِمال:** ذ. [ع. اِشتمال = سمائڻ] گنجائش.

• **اِشْتِماليّت:** ث. [ع] اِشْتِراکيت – سامهه واد – سوشلزم.

• **اِشْتِماليت:** ث. اقتصاديات جو هڪ اصول (جنهن موجب ذاتي ملڪيت جي بدران هر شخص ملڪ ۾ هڪ جيترو حصيدار بنجي ٿو).

• **اِشْتِهاء:** ث. [ع. اِشْتِهاء] ٻک – خواهش (کاڌي جي). رُڄي.

• **اِشْتِهار ج اِشْتِهارات:** ذ. [ع. اِشْتِهار = مشهور ڪرڻ] پڌر نامو – اعلان – اطلاع. مشهور ڪرڻ جو پرچو – نوٽيس – آرٽيڪل.

• **اِشْتِياقُ ج اِشْتِياقات:** ذ. [ع] شوق – سک – آرزو – چاهنا. انتظار ڪڍيل خواهش.

ـ **اِشْتِياق نامو ج اِشْتِياق ناما:** ذ. سک پريو خط.

• **اِشْتْ:** صفت. [سن. اَشْتَ] اَٺ.

• **اِشْتِمي ج اِشْتِميُون:** ث. [سن. اَشْتَ = اَٺ] قمري مهيني جي انين تاريخ – الون تئه.

• **اِشْجار:** ذ. [ع. شَجَر ج اَشجار] وڻ – درخت.

• **اَشْجَعُ:** ذ. صفت. [ع. "شُجاع" جو تفضيل] سڀن کان وڌيڪ شجاع – سڀني کان بهادر – وڏو پهلوان – دلاور – جرّي. هڪ قسم جو ڪارو رنگ.

• **اَشْخاص:** ذ. [ع. شَخْص ج اَشخاص] ماڻهو – جڏا – آدمي. ڏسڻيون مرئي شيون.

• **اَشَدّ:** صفت. [ع. "شديد" جو تفضيل] تمام سخت – بلڪل گهٽ – نهايت.

• **اَشُدّ:** صفت. [سن. اَ = نہ + شُدّ = پاڪ. برابر] ناپاڪ – پليد – اَبَر تَر – گندو – غير خالص. غلط.

• **اَشْرار:** ذ. صفت. [ع. شَرِير ج اَشرار] لڇا ماڻهو – لفنگا.

• **اِشْراط:** ذ. [ع. شَرْطَ ج اَشراط] شرط. نشانيون – علامتون – اَهجاڻ "اَشْراطُ الساعَة = قيامت جون نشانيون".

• **اَشْراف ج اَشْرافه:** ذ. صفت. [ع. شَرِيف ج اَشراف. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اينڊڙ] شريف انسان – ڇگو ماڻهو – نيڪ مرد – پلو مانس. عالي خاندان – امير زادو. عزت وارو – مهذب. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

ـ **اَشْرافَتْ ج اَشْرافَتُون:** ث. پل مانسائي – ڇگمڙسي – شريف پائي – شائستگي – ڇگي چال. عزت. ڇگو حسب نسب.

• **اِشْراق ج اِشْراقات:** ذ. [ع. اِشْراق = سج جو اُپرڻ] سج جو اوپارو – طلوع. سج اپرڻ کان پوءِ نفلي نماز. پري کان طالب کي روحاني روشنائيءَ ۽ فيض جي پهچ (باطن جي صفائي). نيج – روشنائي – جمال.

• **اِشْراقِيُن:** ذ. [ع. اِشْراقِي ج اِشْراقِيُون: فه اِشْراقِيانْ] رياضت سان پنهنجي اندر ۾ روشني پيدا ڪندڙ فيلسوفن جي هڪ قديم جماعت (افلاطون ۽ بقراط به انهيءَ طبقي مان آهن).

• **اِشْراک:** ذ. [ع. اِشْراک = شرک ڪرڻ] شرڪ پائيواري.

• **اَشْرَف:** ذ. صفت. [ع. "شَرِيف" جو تفضيل] تمام شرف وارو – بلڪ پلو – بلڪل شريف.

ـ **اَشْرَفُ الْمَکان:** ذ. سڀني جاين ۾ پلاري جاءِ (مڪو شريف).

ـ **اَشْرَفُ الْاَنْبياء:** ذ. سڀني ۾ پلارو نبي (حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم).

ـ **اَشْرَفُ الاوقات:** ذ. سڀ ۾ سنو وقت يا ٽڻ.

ـ **اَشْرَفُ السّاعات:** ث. سڀ ۾ سياڻي گهڙي (نجوم جي نڪته نظر کان).

ـ **اَشْرَفُ الْمَخْلُوقات:** ث. سڀني مخلوقن کان پلو – انسان ذات – بني آدم.

• **اَشرفي ج اَشرفيون:** ث. [ع] سون جو هڪ سڪو - سوني مُهر - گني - زر ٽڪو. گل جو هڪ قسم - ڪل اشرفي.

• **اِشرنگ:** ث. اسگهڻن جي چون موجب) اِبدالت "جيئن اشرنگ آسمان ۾ تيئن سينو سيرين" (ٻيو بالادي).

• **اَشريڙ ج اَشريڙ:** صفت. [سن. اَ + نہ - شريڙ - بدن] بنا بدن جي - روحاني.

• **اَشعار:** ذ. [ع. شِعْر ج اَشعار] شعر - نظم .. گيت [ع. شِعْر ج اشعار] وار - زلف.

• **اَشْعَر:** ذ. صفت. [ع. "شاعر" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ شاعر يا سمجهدار.

• **اَشْعَري:** اسر خاص. [ع] ابوالحسن علي بن اسماعيل اَلْاَشْعَري (ولادت ۸۷۳ ع ۽ وفات ۹۳۵ ع). شهر بصري جو هڪ وڏو ڪلامي مصنف.

• **اَشغال:** ذ. [ع. شُغْل ج اَشغال] ڪم ڪارين - ڌنڌا.

• **اَشْفاق:** ذ. [ع. شَفَق ج اَشفاق] شفقتون - مهربانيون.

• **اِشفاق:** ذ. [ع. اِشفاق - شفقت ڪرڻ] شفقت ـ رحم .. قياس.

ـ **اِشفاق اَنگيز:** صفت. رحم جوگو.

• **اَشْقَر:** ذ. صفت. [ع] ڳاڙهي منهن ۽ وارن وارو (گهوڙو) - بورُ، بالڪ پاڇي ڪتونئرو.

• **اَشْقياء:** صفت. [ع. شَقِيّ ج اَشقياء] نالائق - مردود - ڪميڻا - نيچ بدمعاش - رهزن - ڏڪي.

• **اَشْڪ ج اَشْڪ:** ذ. [ف] ڪوڙهو - لڙڪ. ڳوڙو - قطرو.

ـ **اشڪ اَبْر سحاب، نيسان:** ذ. ڪڪر جو ڳوڙهو. مينهن جو ڦڙو.

ـ **اشڪ آتشين:** ذ. گرم ڳوڙها.

• **اَشْڪ اَفسوس:** ذ. افسوس جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ اَفْشان:** صفت. [اَشْڪ + فشان] ڳوڙها ڳاڙيندڙ - اشڪبار.

ـ **اَشْڪ اَفْشاني:** ث. ڳوڙها ڳاڙڻ.

ـ **اَشْڪ آلود:** صفت. [ف. اَشْڪ + آلود] ڳوڙهن ۾ريل.

ـ **اَشْڪبار:** صفت. [ف. اَشْڪ + بار - وسيندڙ] ڳوڙها ڳاڙيندڙ - هنجهون هاريندڙ - لڙڪ وهائيندڙ - روئندڙ.

ـ **اَشْڪ پشيماني:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ حَسْرت:** ذ. افسوس ۽ ارمان جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ خونين، سُرخ:** ذ. خون آلود ڳوڙها - رت جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ دائودي:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ رَوان:** ذ. وهندڙ ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ ريز:** صفت. ڳوڙها وهائيندڙ.

ـ **اَشْڪ ريزي:** ث. ڳوڙها وهائڻ.

ـ **اَشْڪ شادي:** ـ مُرَب: ذ. گهڻي خوشيءَ جي هوش جا ڳوڙها.

ـ **اَشْڪ شَمْع:** ذ. پرندڙ شمع جا ڳوڙها.

• **اشڪ شوئي:** ث. ڳوڙها اگهڻ. تسلي - آڇت - دلداري.

ـ **اَشْڪ كوه:** ذ. هيرا جواهر.

ـ **اَشْڪ نَدامت:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

• **اِشْكال:** ذ. [ع. شَكْل ج اَشْكال] شڪليون - نمونا - جاميٽريءَ جون شڪليون. منطق جون شڪليون. طعام جا نمونا.

• **اِشْكال:** ذ. [ع] مشڪلات - مونجهارو. شڪ.

• **اَشْكانيان:** اسر خاص. [ف] ايران جو قديم ٽيون گهراڻو. جنهن سڪندر اعظم کان پوءِ اڌ ۲۵۰ ورهه راڄ ڪيو.

• **اَشْكبوس:** اسر خاص. [ف] ايران جو هڪ پهلوان جنهن کي رستم مارياهو.

• **اِشْكَرَه:** ذ. [ف] شڪرو (باز جو هڪ قسم).

• **اِشْكَنْجو ج اِشْكَنْجها:** ذ. [ف. شِكَنْجه] شڪنجو - پيڙو - پيڙ. ڏوهي کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪات. ڪتابن جي ڪنارن جهلڻ لاءِ جلد سازيءَ جو هڪ اوزار.

ـ **اِشْكَنْجي ۾ آڻڻ:** وڪڙ يا پيچ ۾ ڦاسائڻ.

• **اَشْكَنْه. اَشْكيل ج اَشْكول. اَشْكيل:** ذ. [ع. شكل] ٽڪا - روڪ. ٽيڙ - ڏاون - پيڙيون - واڳهه - وهت جي ساڳئي پاسي ڪيل موٽين ٽنگ بڌڻ جو ڏاون. ڪپي پير ۽ ساڄي ٽنگ اڳيان وارو گهوڙو. ڏوه - اڙي. ڪوڙي تهمت - الزام - ڪوڙو ڪيس - منصوبو.

ـ **اَشْكيل وِرائِيّ:** ڏڪار رهيو.

• **اَشكيلي ج اَشْكيلي:** ذ. صفت. ڪوڙو دعويدار - ڪوڙي تهمت رکندڙ - ڏوائي.

• **اَشَلّ:** ذ. صفت. [ع] اڻڌانگي - بانهن سُڪل - ٽونڊو.

• **اَشْلوك ج اَشْلوك:** ذ. [سن. شْلوكَ] سلوڪ - بيت.

• **اِشمام:** ذ. [ع. اِشْمام - سنگهائڻ] عطرافشاني.

ـ **اِشمام ضَمّه:** ذ. [ع. د ۽ ش جي وچ ۾ واؤ جو آواز گم ٽيئ ۽ پيش جو آواز حاصل ڪرڻ (جيئن "خود" کي "خُد"، "خوش" کي "خُش").

ـ **اِشْمام فَتْحه:** ذ. (جيئن خواب - خاب. خواهش - خاهش).

ـ **اِشْمام كَسْره:** ذ. (جيئن خويش - خيش).

• **اِشْنان ج اِشْناي:** ذ. [سن. سْنانْ - وهنجن صفائيءَ لاءِ - غسل - سنان.

• **اِشْنان:** ذ. [ف] ڪر.

• **اِشو:** ذ. [انگ. Issue] بحث هيٺ آندو - تڪراري ڳالهه. نتيجو.

اولاد. گمان (ت).

• **اَشوپا:** ث. [سن. اَ = ن - شوپا - سونهن] کوجهائي - بدصورتي - قباحت.

• **اَشورُ ج اَشورَ (ک):** ذ. [سن. اَسُرا] اسور - اَسُر - صبح ڪاذب - فجر.

• **اَشورُ ڪُرُ:** صبح جو سويل ڪائُ - اَسر مهل ڪائ.

• **اَشوڪُ ج اَشوڪ:** ذ. [سن. اَ = ن - شوڪ - ڏک] بنا ڏک - بي غم - اگوندرو.

• **اَشوڪُ:** اسم خاص. [سن] موريا گهراڻي جو هڪ مشهور راجا (راجا چندرگپت جو پٽ ۽ چندرگپت جو پوٽو). هڪ ورهه جو نالو.

• **اَشوميڌُ:** ث. [سن. اشو - گهوڙو > ميڌ = قرباني] گهوڙن جي قرباني.

• **اَشْهَبُ:** ذ. صفت. [ع] گهٽي اڇائ ڪڌيل، ڪارن وارن ڪان گهٽن اڇن وارن وارو گهوڙو - سرخو.

- **اَشْهَبُ اَحْمَرُ:** ذ. چينو گهوڙو.
- **اَشْهَبُ اَدْهَمُ:** ذ. گرو گهوڙو.

• **اَشْهادُ:** ذ. [ع. شاهِدُ ج اَشْهادُ] شاهدَ - گواهَ.

• **اَشْهَدُ:** ذ. [ع] ڪلمه شهادت جو پهريون لفظ (= آءُ ساک ٿو پريان، آءُ شاهدي ٿو ڏيان). شهادت جو ڪلمو "اڪ اَشْهَدُ جاءِ ته مسلماني ماڻيئين".

- **اَشْهَدُ اَڪَرُ:** ث. ڏسڻي اڳر.

• **اَشْهَرُ ج اَشْهَر:** صفت. [ع] گهڻو مشهور.

• **اَشْياءُ:** ذ. [ع. شيءِ ج اَشياءُ] شيون. جيزون - وٿون.

• **اشياءِ خوردني:** ث. کاڌي جون شيون.

• **اَشْياخُ:** ذ. [ع. شَيْخُ ج شُيُوخُ ج اَشياخُ] ٻڍا ماڻهو - وڏا - قبيلن جا پريا مڙس.

• **اصاغِرُ:** ذ. [ع. صَغيرُ ج اَصاغِرُ] ننڍا. "اڪابرُ" جو ضد.

• **اَصالَتُ:** ث. [ع. اَصالَة] اصليت - بنياد - نطفي جو اثر. خاصيت - اثر. پختگي.

• **اصالتاً:** ظرف. خود - پاڻ - پنهنجي سر. اصل ۽ حقيقت ۾.

• **اَصَحُّ:** ذ. صفت. [ع. "صَحيحٌ" جو تفصيل] خوبصورت - صبح جهڙو روشن ۽ صاف - ڳاڙهو (منهن).

• **اَصَحُّ:** ذ. [ع. "صَحيحٌ" جو تفضيل] زياده صحيح.

• **اصحِ عراقي:** صفت. نج عراقي نسل جا (گهوڙا) "اصحِ عراقي پنڊ ۾ مڙن جوب جوان" (قطب شاه).

• **اَصْحابُ ج اَصْحاب:** ذ. صفت. [ع. صاحِب ۽ اَصْحاب] نبي صلي الله عليه و آله وسلم (حضرت محمد) جو صحبتي - سنگتي - سائي - دوست. اهو بزرگ جنهن نبي سڳوري جن کي ڏٺو. ايمان آندائين ۽ ايمان واري حالت ۾ فوت ٿيو.

- **اَصْحابِ اَدَب:** ذ. صفت. ادب جا صاحب - عالم. فضيلت وارا.
- **اَصْحابِ اِعْتِبار:** ذ. صفت. اعتبار جا صاحب - معتبر ماڻهو.
- **اَصْحابِ بِدْعَت، ضَلالَت:** ذ. صفت. گمراه.
- **اَصْحابِ تَدْبير:** ذ. صفت. تدبير جا صاحب - مدبّر - ڏاها وزير.
- **اَصْحابِ تَواريخ:** ذ. صفت. تاريخ لکندڙ - مؤرّخ.
- **اَصْحابِ جاه:** ذ. صفت. مرتبي وارا ماڻهو.
- **اَصحابِ جنت:** ذ. جنتي - بهشتي.
- **اَصْحابِ جَهَنَّم، جَهيم، دَوْزَخ، نار:** ذ. صفت. دوزخي.
- **اَصْحابِ درايت:** ذ. صفت. عقل تي هلندڙ انسان.
- **اَصْحابِ دَوْلَت:** ذ. صفت. حڪومت جا صاحب - امير اُمراءَ. شاهوڪار.
- **اَصْحابِ روايت:** ذ. صفت. راوي - ناقل. ٻڌل ڳالهين تي هلندڙ.
- **اَصْحابِ سَيْف:** ذ. صفت. تلوار جا صاحب - وڙهندڙ - لشڪري - فوجي آفيسر.
- **اَصْحابِ فَضْل:** ذ. صفت. فضيلت جا صاحب - فضيلت وارا.

• **اَصْحابِ فَهْم:** ذ. صفت. فهم جا صاحب - فهميدا - سمجهدار ماڻهو - سمجهو.

- **اَصْحابِ قَلَم:** ذ. صفت. قلم جا صاحب - قلم وارا - لکندڙ. ديواني آفيسر.
- **اَصْحابِ کِبار:** ذ.صفت. وڏا اَصحابي - حضرت رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جا چار وڏا يار ۽ خليفا (ابوبڪر الصديق، عمر ابن الخطاب، عثمان ابن عفان ۽علي ابن اَبيٰ طالب رضوان الله عليهم).
- **اَصْحابِ کِرامُ:** ذ. صفت. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جا سڳورا صحابي.
- **اَصْحابِ کُهْفُ:** ذ. صفت. غار جا يار - توريت ۽ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل غار وارا ست دوست.
- **اَصْحابي ج اَصْحابي:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کي به حالت ايمان ڏٺو ۽ به حالت ايمان هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

• **اَصْداف:** ذ. [ع. صَدَف ج اَصداف] سيئون.

• **اِصْرارُ ج اِصْرار:** ذ. [ع] ڪنهن ڳالهه تي گهڻو زور - ضد - هٺ. تاڪيد.

• **اِصْرافُ ج اِصْراف:** ذ. [ع] اجايو يا بيهوده خرچ - گهڻو خرچ.

• **اِصْطَبْل ج اِصْطَبْلَ:** ذ. [ع. اِصْطَبْلَ: انگ stable] طبيلو – كوهه – گهوڑي جي بڌڻ جي جاءِ ـ ٿان.
• **اَصْطُرْلاب ج اَصْطُرْلابَ:** ذ. اَسْطُرْلابَ.
• **اِصْطِلاح ج اِصْطِلاحَ:** ذ. [ع] كنهن ڏنڏي يا فن جو لفظ – ورجيس. بولي، جي محاوري وارو لفظ. لفظن جو جوڙ.
• **اصطلاحاتَ:** ذ. اِصلاح ـ ورجيسون.
• **اِصطلاحي:** ج. اِصْطِلاحي: صفت. محاوري وارو. مشهور معنيٰ كان سواءِ پي خاص معنيٰ ركندڙ (لفظ).
• **اِصْطَخُرُ:** اسم خاص. قديم ايران جي گاديءِ جو هنڌ.
• **اَصْعَبُ:** صفت. [ع. "صَعْب" جو تفضيل] تمام ڏکيو – وڏيڪ ڏکيو – سڀ کان ڏکيو.
• **اَصْغَرُ:** صفت. [ع. "صغير" جو تفضيل] وڏيڪ ننڍو – سڀ کان ننڍو. (اصطلاحاً) ننڍي لڙائي (جهادِ اَصْغَر = ننڍي لڙائي يعني ظاهري جنگ کافرن سان: ضد. جهادِ اَكْبَرُ = وڏي جنگ يعني نفس جي لڙائي) "اصغر ذي آهين گهڻا. تون اكبر ذي آءُ" (شاه).
• **اَصْفَرُ:** ذ. صفت. [ع] پيلو رنگ.
• **اِصْفَهانُ:** اسم خاص. [نـ ع] ايران جو هڪ مشهور شهر.
• **اَصْفَيٰ:** صفت. [ع. "صاف" جو تفضيل] وڏيڪ صاف.
• **اَصْفِيا:** ذ. [ع. صَفِيّ ج اَصْفِيا] صاف پاڪ ماڻهو ـ اولياءُ الله.
• **اَصْلُ ج اُصُلْ:** ذ. [ع.] بنياد. بُڌ ـ نسل – پاڙ – شروع – پيڙهه. سچو پچو – حقيقي. خالص – ريءِ ـ نج. ضرور. ٺيڪ. رڳو. بلكل. مطلقاً – سبب. كتاب جو اصلي نسخو – "نقل" جو ضد. بدن تي ٻڌ ٻڌڻ ڏندڙ هڪ بيماري. عام سنڌي اُچار اصل.
ـ **اَصْل:** ظرف. اصل كان – شروع كان. هرگز – بنهه – پتيءِ ـ اَصلي – مطلقاً.
ـ **اَصْلاً و قَطْعاً:** ظرف. هرگز نـ – مطلق نـ.
ـ **اَصْلاڻو ج اَصْلاڻا:** صفت. ڀاڻتو – بنيادي – اصل وارو. عام سنڌي اُچار. اَصْلاتو.
ـ **اَصْل جَڙُ:** ذ. ڳالهه جو مول مقصد.
ـ **اَصْل زادَهْ:** ذ. صفت. شريف زادو – عالي نسب.
ـ **اَصْل كتابَ:** ذ. كتاب جو بهريون قلمي مسوّدو.
ـ **اَصْل قِيمَتْ:** ث. بهرين قيمت – خريدي قيمت. نفعي كان سواءِ.
ـ **اَصْل نامُ:** ذ. سچو نالو.
ـ **اَصْلُ وار:** صفت. اصل يا حقيقت تي ٻڌل.
ـ **اَصْل وَ فَرْعَ:** ذ. (پاڙ ۽ ٽاري) مكيه ۽ ان جي تابع ڳالهه – اصلي ۽ مددي ڳالهه.
• **اَصْلوكو ج اَصْلوكا:** صفت. [ع. اصل + كو] اصل وارو – اوائلي – قديم.
• **اصلا:** ظرف. [ع] هڏهن – هرگز – كنهن به طرح. ٿورڙو – نالي مات.
• **اَصْلاب:** ذ. [ع. صُلْب ج اَصْلاب] چيلهيون ٻنيون.
• **اِصْلاحَ ج اِصْلاحُونْ:** ث. [ع] درستي – سُڌار. اوتار.
ـ **اِصْلاحات:** ث. سڌارا – ترميمون.
• **اِصلاحات:** ذ. ملڪ يا حكومت جي نظام كي بهتر كرڻ لاءِ سڌاري واريون رتون. ملكي معاشي ۽ قانوني سڌارا.
ـ **اِصْلاح پَذِيرْ:** صفت. سڌاري جوگو.
ـ **اِصْلاحَ ذاتُ الْبَيْن:** ذ. هڪ ٻئي جي وچ ۾ صلح كرائڻ.
ـ **اِصْلاحي ج اِصْلاحي:** صفت. سڌارو كندڙ. سڌاري وارو. سڌاري بابت.
• **اِصلاحي معنيٰ:** ث. لفظن جي اهڙي معنيٰ جيكا اصل نـ هجي پر مقرر كئي وئي هجي.
• **اَصْلُ السُّوس:** ث. [ع] مٺي كاني.
• **اَصْلَحَ:** صفت. [ع. "صَالح" جو تفضيل] وڏيڪ صالح – وڏيڪ لائق.
ـ **اَصْلَحَهُ الله:** جملو. خدا شال هن كي صالح كري.
• **اَصْلَعُ:** ذ. صفت. [ع] ٽوڙهو.
• **اَصْلَمُونْ:** ظرف. اَصْلاً – بلكل – مطلق.
• **اَصْلي ج اَصْلِي:** ذ. صفت. بنيادي – اَساسي. فطرتي – ذاتي – پيدائشي – جگري. خاص – قديم. اصيل (ث. ذ) كجيءِ جو هڪ قسم. بهترين قسم جي كجي ۽ كجور. (ظرف) هرگز. عام سنڌي اُچار اصلي.
• **اَصْلِيَتْ ج اَصْلِيَتُونْ:** ث. بنيادي حقيقت ذاتي گڻ. بنيادي شرافت. اصل نسل.
• **اَصَمُّ:** ذ. صفت. [ع] ٻوڑو. اهو انگ جنهن جو پيو مول نـ نكري سگهجي جيئن ٣، ٥، ٧ – عدد غير ناطق.
• **اَصْمَعي:** اسم خاص. [ع] هڪ مشهور عربي اديب جو نالو.
• **اَصْنافَ:** ذ. [ع. صِنْف ج اَصْنافَ] جنسون.
ـ **اَصْناف خَلْق:** ذ. ماڻهن جا قسم.
ـ **اَصْنافَ قَبائِل:** ذ. جدا جدا قبيلا.
ـ **اَصْنافَ مَخْلُوقْ:** ذ. جُدا جُدا جنسون.
• **اَصْنامَ:** ذ. [ع. صَنَمْ ج اَصْنامَ = بت] بُتَ. سُهڻا ماڻهو.
• **اَصْواتَ:** ذ. [ع. صَوْتَ ج اَصْواتَ] آواز.

• **اَصْوَبُ:** صفت. [ع. "صائِبُ" جو تفضيل] وڌيڪ صحيح – وڌيڪ سڌو (نشان).

• **اَصُولُ ج اُصُولِ:** ذ. [ع. أَصْلُ ج اُصُول] پاڙ – بنياد. بنيادي قاعدو – قانون – نيم. موسيقي آواز يا ڌنڪ (هي كل سترهن اصول "هُنُده بحر اَصُوْل" چيا اٿن. جن مان فقط "اُصُولُ فَاخِتَه" جو نالو ڏنو اٿن).

• **اُصُولُ عَشَرَه:** ذ. ڏهه اصول يعني عشر مقولات يا قاضيقورات يا ڏه عقل (١) جوهر (٢) ڪمّ (ڪيتراڻ) (٣) ڪيف (ڪيئن، ڪيفيّت) (٤) اضافت (تعلق) (٥) أين (ڪٿي) (٦) متيٰ (ڪڏهن) (٧) وَضعُ (نمونو جاءِ جو) (٨) ملك (ملڪيت، ڪنهن جي) (٩) فعل (ڪم) (١٠) اِنْفِعال (ڪم جو اثر).

– **اُصُولُ فاخِتَه:** ذ. [ع. اصول + ف. فاخِتَه = ڪبوتر] راڳ جو هڪ تال.

– **اُصُولُ هوضُوعُ:** ذ. مقرر حقيقت. بديهيات – اوڪيّت – بديهي يا ظهراءِ ري دليل.

– **اُصُولُ وَ فُرُوعُ:** ذ. [ع] پاڙون ۽ تارين مڪيه ۽ تابعي ڳالهيون. علت ۽ معلول – سبب ۽ اثر.

• **اَصِيل ج اَصِيلُ:** صفت. [ع. أَصْلٌ = هو محكم بنيو] ڇڪي نسب وارو – شريف – نيڪ ذات – ڇڪو مڙس – اصل نسل وارو – بڻائتو "متان مون كي چڏئين. آري جام اصيل" (شاه). اصل خاندان – خاندائي – عزت وارو. سڄو ماڻهو. ننگيال "اڪيم جو اصيل. سو سر ڏي تہ سرهو ٿيين" (شاه). وڪيل جو ٿيتي – گراهڪ. (ذ) ويڙهو ڪڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جا ماڻ پيءُ هڪڙي قسم جا هجن). عمدي لوهه جي تراز. نانگ جو هڪ قسم.

• **اصيل ج اصيلون** (ت): ث. ڪجيءَ ث. هڪ قسم (روهڙي ۽ خيرپور تعلقن ۾ عام آهي، پهريائين روهڙي ۾ پيدا ٿي).

• **اِضافَتْ ج اِضافَتُون:** ث. [ع. اِضافَة] نسبت – لاڳاپو – تعلق. گرامر ۾ اسمن جي وچ ۾ مالڪيءَ جي يا بي نسبت ڏيکارينڌڙ حالت – حالت اضافت. اضافو – واڌارو – زيادتي. اضافه ـ مهماني ڪرڻ.

• **اِضافو ج اِضافا:** ذ. [ع. اِضافَة] واڌ – واڌارو – زيادتي. پگهار يا عهدي ۾ واڌارو.

• **اِضافِي ج اِضافِي:** صفت. [ع] نسبتي صفت (جا اصلي نہ هجي). بالائي.

– **اِضافِي وُجُود:** ذ. اهو وجود جنهن جو ٻئي وجود سان تعلق هجي – اعتباري وجود.

• **اُضْحَيْ:** ذ. [ع. ضحيّه. اَضْحِيَة ج اَضْحَيٰ] قربانيون "عيدالضّحيٰ = ٻاڪري عيد، يوم الاَضْحيٰ = قربانين جو ڏينهن".

• **اُضْحِي ج اُضْحِيُون:** ث. [ع. اُضْحِيَة، اَضْحَيٰ] قرباني، جو جانور – قرباني.

• **اَضْدَادَ:** ذ. [ضِدّ ج اَضْداد = هڪ ٻئي جي ابتر شيون] اهي لفظ جن جون هڪٻئي جي مخالف معنائون هجن "اَچو: ڪارو" معنائون هجن. مخالفت.

• **اِضْطِرابْ:** ذ. [ع] بريشاني – بي قراري – تڙپ. لوڇ – ڦٽڪو – گهبراهٽ. جلدي. تڪڙ.

– **اِضْطِرابِي:** ث. بي قراري – بي تابي – بي آرامي.

• **اِضْطِرارْ:** ذ. [ع] لاچاري. بريشاني – بي قراري – بي چيني – بي آرامي.

• **اَضْعافْ:** ذ. [ع. ضِعْف ج اَضْعاف] ٻيڻا پاڻا. سمائيندڙ انگ.

• **اَضْعَفْ:** صفت. [ع. "ضعيف" جو تفضيل] سڀ کان ضعيف – ڏهرو.

• **اَضَلّ:** صفت. [ع. "ضالّ" جو تفضيل وڌيڪ گمراه.

• **اضلاع:** ذ. [ع. ضِلع ج اضلاع] ٽڪرا – پاڻا – حصا. پاسرائيون. شڪل جون پاهريون ليڪون. زمين جا خاص ٽڪرا. ملڪ جا اهي حصا جيڪي ڊپٽي ڪمشنر جي عملداري ۾ هجن.

• **اِضْلال:** ذ. [ع. اِضلال = گمراه ڪرڻ] گمراهي.

• **اِضْمارْ:** ذ. [ع] دل ۾ ڳالهه جي ٻڌ. علم عروض ۾ ڪنهن به وزن جي ٻئي متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرڻ "مُتَفاعِلُن جو ٻيو حرف 'ت' ساڪن ڪيو تہ ٿيندو مُتْفاعِلُن = مُسْتَفْعِلُن".

• **اِضمحلال:** ذ. [ع. ضمحل = گهٽجي وڃڻ] ڪمزوري – هيٺائي. سستي. ٽڪ.

• **اَضْيافْ:** ذ. [ع. ضَيْف ج اَضْياف] مهمان.

• **اَضْيَقْ:** صفت. [ع. "ضَيِّق" جو تفضيل] وڌيڪ سوڙهو يا تنگ.

• **اِطاعَتْ:** ث. [ع. طوع – حڪم مڃڻ] مڃتا – تعميل. تابعداري – فرمانبرداري.

• **اِطاعت گذار:** صفت. فرمانبردار – ماتحت.

• **اَطاقِي ج اُطاقِي:** صفت. اوطاقي.

• **اَطالُ:** ذ. ڊيگهه "تنهن ۾ تڪرار مسئلن جو هو ۽ پوڻ اطالوا اختلا فا".

• **اَطِبّاءْ:** ذ. [ع. طَبِيب ج اَطِبّاء] طبيب – حڪيم – ويج.

• **اَطْباعْ:** ذ. [ع. طَبْع ج اَطْباع] طبعون – سڀاءَ.

• **اَطْرافْ:** ذ. [ع. طَرَف ج اَطْراف] پاسا – ڏسيون.

– **اَطْرافِي ج اَطْرافِي:** صفت. پاهرين، حد وارو.

• **اِطْرِيفَلْ:** ذ. [سن. ترڦلا = تي ڦل يعني هريڙون. ٻهيڙا ۽ آمرا] ڪڦلو (هڪ دوا جو نالو جنهن ۾ مٺي جاڙيل تي پسارتين)، ترڦلو.

• **اَطْفالْ:** ذ. [ع. طِفْل ج اَطْفال] ٻار. ٻار ٻچا.

• **اِطلاعْ ج اِطلاعَ:** ذ. [ع. اِطلاع] خبر – سڌ – ڄاڻ – اعلان. نوٽيس.

– **اِطلاعاً:** ظرف. اطلاع طور – اطلاع جي وسيلي.

– **اِطلاعات:** ذ. خبرون – نشريات.

– **اِطلاعُ ڈِيڈ:** سڌ ڏيڻ. نوٽيس ڏيڻ.

– **اِطلاعُ نامُو ج اِطلاع نامه:** ذ. اطلاع لاء خط – نوٹيس – سمن.

• **اِطْلاق ج اِطْلاق:** ذ. [ع] لاڳاپو. نهكي اڇو واري حالت.

• **اَطْلَس (ث)، اَطْلَسُ ج اَطْلَسُون، اَطْلَس:** ذ. [ع] اڇو لسو زريدار ريشمي ڪپڙو – ساٽين.

– **اَطْلَسي:** صفت. اطلس جو. ڪارو.

– **اَطْلَسي فَلَڪ: فَلَكِ اَطْلَسْ** (بطليموس جو نظريي موجب نائون يا سڀ کان مٿاهون ستارن کان سواءِ آسمان).

• **اِطْمِينان ج اِطْمِينانْ:** ذ. [ع. اِطْمينان] تسلي – دل جمعي – دلاسو – خاطري – دلجاءِ – بي فكري – صبر – آنند – اندر جو آرام.

– **اِطْمِينانِ خاطِر:** ذ. دل جي خاطري – پڪ.

• **اَطْنابْ:** ذ. [ع. طناب ج اَطْنابْ] تنبوءِ جون رسيون.

• **اِطْنابْ ج اِطْنابْ:** ذ. [ع] ڪلام ۾ اجائي ڊيگهه – تطويل.

• **اَطْوار:** ذ. [ع. طَوْرَ ج اَطْوار] طريقا. نمونا – رَوشُون – ڍنگ – دستور. افعال – لڇڻ – ڪمَ – عادتون – ڪرتوتَ – فعلَ – آداب – قاعدا.

• **اَطْوَل:** صفت. [ع. "طَوِيل" جو تفضيل] وڌيڪ ڊگهو.

• **اَظْلام:** صفت. [ع. ظَلَمَ ج اظلام] وڌيڪ ظلم ڪندڙ – وڏا ظالم. گهڻو ظلم ڪندڙ "وارو ور وڻي ويا آريچا اظلام" (شاه).

• **اَطْهار:** ذ. [ع. طاهِرَ ج اَطْهار = پاڪ، صاف] پاڪ – صاف "آل اَطْهار = رسول، الله صلي الله عليه و آله وسلم جو پاڪ اولاد يا پونئير".

• **اَطْهَر:** صفت. [ع. "طاهِر" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ پاڪ – نهايت پاڪ – تمام پوتر "پڙهو صلوات سرور تي. آل نبيءِ جي اَطْهَر تي" (مولود).

• **اَطْيَب:** صفت. [ع. "طَيِّب" جو تفضيل] وڌيڪ ڇڪو.

• **اِظْهار ج اِظْهارْ:** ذ. [ع. اِظْهار = پڌرائي ڪرڻ] پڌرائي – مشهوري. ڪورٽ اڳيان بيان – گواهي. زباني شاهدي.

– **اِظْهارِ خُرِيري:** ذ. لکيل شاهدي.

– **اِظْهارِ تِيِّنْ:** ظاهر ٿيڻ "اديون نيٺ اظهار تي عشق آيو".

• **اِظْهارِ حقيقت:** ث. اصل واقعا ظاهر ڪرڻ.

• **اظهارِ خيال:** ذ. پنهنجي خيالن جو اظهار.

– **اِظْهارِ سَلامي:** ذ. شاهدي لکندڙ جو ٻي قانوني اجورو.

– **اِظْهارُ كَرِنْ:** ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ.

– **اِظْهارُ نامو ج اِظْهارنامه:** ذ. اعلان – پڌرنامو.

– **اِظْهارُ نَوِيسْ:** ذ. شاهدي لکندڙ آفيسر.

• **اَظْهَر ج اَظْهَرْ:** صفت. [ع. "ظاهِر" جو تفضيل] وڌيڪ ظاهر – تمام پڌرو – تمام ڇڪو – گهڻو مشهور.

– **اَظْهَرُ مِن الشَّمْس:** ظرفه سج کان وڌيڪ پڌرو – ظاهر – مشهور – پڌرو – ڇڪو.

• **اِعاده:** ذ. موٽ – واپسي. وري وري ڇوڻ.

• **اِعادَتْ:** ث. [ع. اِعادَة = وري موڪلڻ. وري ڇوڻ] ٻيهر گفتگو – تڪرار.

• **اِعانَتْ ج اِعانَتُون:** ث. [ع. اِعانة] واهر – مدد – سهائتا. چندو.

• **اِعْتِبارْ ج اِعْتِبارْ:** ذ. [ع] پروسو – يقين ويساه – ساک – پت – قسر.

– **اِعْتِبارْ رَكَڻْ:** پروسو رکڻ.

– **اِعْتِبارْ وِجائڻْ:** پت وڃائڻ.

– **اِعْتِبارِي ج اِعْتِبارِي:** صفت. پروسي وارو – ويساه وارو – ساک پت وارو – معتبر.

– **اِعْتِبارِي اَمْر:** ذ. فرعي يا عارضي ڳالهه (جنهن جو مڪيه يا اصولي ڳالهه سان تعلق هجي) – اضافي امر.

• **اِعْتِدال:** ذ. [ع] وچڑائي – درميانگي – وچون وهه – نه گهٽ نه وڌ – پورائي ٻنائي – موافقت.

– **اِعْتِدالُ بَهَنْڈ:** صفت. درمياني خيال وارو – نرم ڏر وارو (راجنيتي يا سياسي ڳالهين ۾).

– **اِعْتِدالُ خَرِيفي:** ذ. ڪتيءَ واري موسم ۾ ٢٢ سيپٽمبر تي ڏينهن رات جي برابري.

– **اِعْتِدالُ رَبِيعي:** ذ. چيٽ جي موسم ۾ ٢١ مارچ تي رات ڏينهن جي برابري.

– **اِعْتِدالُ لَيل ونَهار:** ذ. ڏينهن رات جي برابري.

– **اِعْتِدالِ هَوا:** ذ. هوا جي موافقت.

– **اِعْتِدالِي ج اِعْتِدالِيُون:** ث. برابري – هڪجهڙائي.

• **اِعْتِذارْ:** ذ. [ع] عذر – معافي طلب.

– **اِعْتِذارْ نامو:** ذ. عذر نامو – معافي نامو.

• **اِعْتِراضْ ج اِعْتِراضْ:** ذ. [ع. اعتراض = وچ ۾ ٻوڙ] ڪنهن ڳالهه جي برخلاف اٿاريل حجت – نڪته چيني – رندڪ – مخالفت.

• **اِعتِراضات:** ذ. [ع. "اِعتراض" جو جمع] حجتون. نڪته چينيون. عيب جوئي.

– **اِعْتِراضِي ج اِعْتِراضِي:** صفت. اعتراض جهڙو – نامناسب.

• **اِعْتِرافْ ج اِعْتِرافْ:** ذ. [ع. اِعْتِرافُ = مڃڻ. ڏوهه ياسڻ] قبوليت – اقرار – تسليم. ڏوهه يا قصور يا غلطيءَ جي مڃتا.

– **اِعْتِرافُ آتش:** ڏوهه ياسڻ – گناه قبول ڪرڻ – قصور محسوس ڪرڻ – پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ.

– **اِعْترافُ كَرڻ:** مجن – قبول كرڻ.

• **اِعْتزال** ج **اِعْتزالَ:** ذ. [ع] علحدگي – دست برداري – جدائي.

• **اِعْتِصامُ:** ذ. [ع] پختي جهلڻ جو عمل.

• **اِعْتِقادُ** ج **اِعْتِقادَ:** ذ. [ع. اِعتقاد = مجن] عقيدو – يقين – پروسو – وساه. ايمان. اعتبار.

– **اِعْتِقادي:** صفت. اعتقاد وارو. اها ڳالهه جنهن جو اعتقاد تي بنياد هجي.

• **اِعْتِكافُ** ج **اِعْتِكافَ:** ذ. [ع] گوشه نشيني – عبادت لاءِ ڪنهن خلاصي جاءِ ۾ گوشه نشيني – رمضان شريف جي پوئين ڏهي (ڏهن ڏينهن) ۾ مسجد ۾ گوشه نشيني. بنهنجي نفس جي حفاظت.

• **اِعْتِماد:** ذ. [ع] پروسو – اعتبار – يقين "ڪن استخاره آسرو. اوسه اُتي ڪن اعتماد" (صدرالدين). ساڪ. مدار. ٽيڪ.

– **اِعْتِماداً:** ظرف. پروسي تي.

– **اِعْتِمادُ النَّفْس:** محاورو. پاڻ تي پاڙ.

– **اِعْتِمادُ نامو** ج **اِعْتِمادُ ناما:** ذ. سنڊ – اختيار نامو.

• **اِعتِنا:** ث. [ع. عنيٰ = فڪرمند رهڻ] غمخواري – همدردي. غور فڪر. توجهه – ڏيان – خيال.

• **اِعْتِياد:** ذ. [ع] هير – عادت "ڪ پڌي ليلاڻ جو. آهي ڪيو مون اِعْتِياد" (صدرالدين).

• **اِعْجاب:** ذ. [ع] عجب – حيرت.

• **اِعْجازُ** ج **اِعْجازَ:** ذ. [ع. اِعْجاز = عاجز ڪرڻ] معجزو – وڏي ڪرامت – حيران ڪندڙ ڪرامت.

• **اِعجازِ بَيان:** ذ. جنهن جي تقرير يا ڪلام نهايت اثرواروهجي.

– **اِعْجازِ قُرآن:** ذ. قرآن شريف جو معجزو – ته ڪوبه بني بشر يا مخلوق ان جهڙي عبارت ناهي ٺ سگهي).

– **اِعْجازِ مَسيحي:** ذ. حضرت مسيح عليه السلام جو معجزو (ڪوڙهيا ڇنائڻ ۽ مئا جيارڻ).

– **اِعْجازِ مُوسَوي:** ذ. حضرت موسيٰ عليه السلام جا ٻه معجزا (۱) لٺ جو نانگ ٿيڻ (۲) بغل ۾ هٿ (يعني هٿ هٿ) ڪڍڻ ۽ هٿ وڃهڻ کان پوءِ هٿ جو اڇو ۽ نوراني ٿيڻ.

• **اَعْجَزُ:** صفت. [ع. "عاجز" جو تفضيل] وڌيڪ عاجز.

• **اَعْجَمُ:** ذ. صفت. [ع] گونگو. اهو جو عربي ڳالهائي پوليائي نه ڄاڻي. جهنگلي.

– **اَعْجَمي:** صفت. اهو جو عربي چگي نه ڄاڻي (حيوان اَعْجَمي = غير ناطق حيوان).

• **اَعْجُوبَه:** ذ. [ع] عجب – عجائب.

– **اَعْجُوبَه روزگار:** ذ. زمانو جو عجب.

• **اَعْدا:** ذ. صفت. [ع. عدو ج اَعْداء] دشمن – ويري.

• **اَعْداد:** ذ. [ع. عَدَدَ ج اَعْداد] انگ – تعداد.

– **اَعْدادُ شُماري:** ث. ڳڻپ – شمار – ليکو. آدمشماري.

• **اِعرابَ** ج **اِعْرابون:** ث. [ع] اکر کي چوريندڙ نشاني – آجار کي جٽر ڪندڙ حرڪت – اِعْرابُون اسم جون جدا جدا حالتون ڏيکارين ٿيون. لفظ جي پڇاڙي واري حرف تي حرڪت (جنهن سان اسم جي حالت جي خبر پوي. هيٺين ٽن جملن ۾ اسم "گهر" جي آخري لفظ "ر" جو پيش. زبر ۽ زير اعرابون آهن. ۱. گهرُ سهڻو آهي. ۲. گهرَ ۾ ادو ويٺو آهي. ۳. گهر وڃي ڏس ته ڪير ويٺو آهي) – جملي ۾ اسم جي آخري حرف واري حرڪت يا لاڪنا "ڪثرت آهي قرب ۾ ، اِدْغام ۾ اِعْراب" (شاهه).

• **اَعْراب، اَعْرابي** ج **اَعْرابي:** ذ. صفت. [ع] عرب جي پهراڙيءَ جو رهاڪو – بدوي. سانگي. مال جي سانگي تي گذارينڊڙ – خانه بدوش. مارو لوڪ "زمر زخرف سومرا. عيش أعرابين" (شاهه).

• **اِعْراض:** ذ. [ع. اِعْراض = وڃ ۾ اڇڻ پٺ ڏيڻ] منهن موڙڻ – پٺ ڏيڻ. نفرت – حقارت.

• **اَعْراف** ج **اَعْراف:** ذ. [ع. عُرْف = ڪنگرو. برج] قرآن شريف جي ستين سورة جو نالو. دوزخ ۽ بهشت جي وچ واروهنڌ (جو نڪي گرم آهي نڪي سرد).

• **اَعَزّ:** صفت. [ع. "عَزيز" جو تفضيل] وڌيڪ پياروءِ وڌيڪ سڳهارو.

• **اعِزّه:** ذ. [ع. عزيز ج اعزه] مٽ مائٽ – عزيز – رشتيدار. (صفت) نهايت پياروءِ.

• **اَعِزّا:** ذ. [ع. عَزيز ج اَعِزّاء] پيارا مائٽ مٽ – عزيز دوست.

• **اِعْزاز** ج **اِعْزازَ:** ذ. [ع] عزت – آبرو – مان – مرتبو.

– **اِعْزازُ نامو** ج **اِعْزاز ناما:** ذ. مان پتر.

– **اِعْزازي:** صفت. بنا اجوري – بنا عوض – مفت.

– **اَعْشاري:** صفت. [ع. عَشر] ڏهين حصي وارا. ڏهائي.

• **اَعْصابَ** ج **اَعْصابَ:** ذ. [ع. عَصَبَ ج اَعْصاب] ٻڌڻي.

– **اَعْصابُ وَعُرُوق:** ذ. ٻڌڻيون ۽ نبضون.

• **اَعْضا:** ذ. [ع. عُضْوَ ج اَعْضاء] عضوا – لڳ – بدن جا حصا ڪنهن به جماعتي سوسائٽيءِ جا ميمبر يا رُڪن.

– **اَعْضابَنْدي:** ث. سنڊ ۽ هڏي پڇڻ جو علاج.

– **اَعْضاءِ تَناسُل:** ذ. نسل پيدا ڪرڻ جا عضوا.

– **اَعْضاءِ رَئِيسه:** ذ. رئيس يا ماڪيه عضوا (دل. دماغ. جگر. وغيره).

• **اعطان ۽** ذ. [ع] اُٹن جي ويهڻ جي جاءِ - جهوڪ.

• **أَعْظَمُ ج أَعْظَمَ:** صفت. [ع. "عَظِيمُ" جو تفضيل] تمام وڏو – سڀ کان وڏو – تمام وڏي ۽ عزت وارو "اِسم أعظم = وڏو نالو. صَدْرِ أَعْظَم = وڏو وزير. قائد أَعْظَم = سڀ کان وڏو ليڈر".

• **أَعْقَابَ:** ذ. [ع. عقب = ڪڙي] ڪڙيون ۽ اولاد – پويان.

• **أَعْلَىٰ:** صفت. [ع. "عَلِي" جو تفضيل] تمام مٿانهون – اُوچو – بلند. تمام وڏو. وڏي مرتبي وارو. اُتر – عمدو.

– **أَعلَىٰ حَضْرَت:** ذ. وڏي ۾ وڏو حضور (بادشاه جو لقب).

• **أَعْلَامَ:** ذ. [ع. عَلَمُ ج أَعْلَامُ] جهنڊا. نشانيون. جبلَ. خاص نالا – خاص اسر.

• **إِعْلَامَ:** ذ. [ع. إِعْلَامُ = خبر ٻڌائڻ] جاڻ – اطلاع – اِعلان – مشهوري – پڌرائي – اشتهار – نوٽيس – سمن ۽ ڏَس.

– **إِعْلَامات شَرْعِي:** ث. شرعي فتوائون ۽ فيصلا.

• **إِعْلَانَ ج إِعْلَانَ:** ذ. [ع. إِعْلَانُ = پڌرو ڪرڻ] اطلاع. پڌرائي – اشتهار. إعلام – مشهوري – اظهار.

– **إِعْلَانِ جَنْگ، حَرْب:** ذ. جنگ جو اعلان.

– **إِعْلَانِ رَسْمِي:** ذ. سرڪاري اعلان.

إِعْلَان نامو ج إِعْلَان نامه: ذ. پڌرنامو.

• **أَعْلَمُ:** صفت. [ع. "عالِم" جو تفضيل] وڏيڪ جاڻندڙ "اللّٰه أَعْلَمُ = خدا سڀ کان وڏيڪ جاڻندڙ آهي".

• **أَعْمَالَ:** ذ. [ع. عَمَل ج أَعْمَالُ] عَمَلَ – ڪرتوت – افعال.

– **أَعْمَال نامو ج أَعْمَال نامه:** ذ. ڪمن جو تفصيل – ڪارگذاري. انسان جي ڏوهن ثوابن جو دفتر.

– **أَعْمَال نامو سياهُ ڪرڻ:** تمام ڏاڍا گناهه ڪرڻ.

• **أَعْيَانَ:** ذ. [ع. عَيْنُ ج أَعْيَانُ] اکيون. وڏا مٿهو – امير اُمراءَ. شيون. موجودات جا خارج ۾ ذرات.

– **أَعْيَان ثابته:** ذ. الٰهي اسمن جون علمي صورتون.

• **أَغْذِيَه:** ثَ. [ع. غِذاءُ ج أَغْذِيه] غذائون – کاڌا.

• **أَغَرَّ:** صفت. [ع] اڇو چمڪندڙ. شريف. ستار پيشاني (ڪهوڙو).

• **أَغْرَاضَ:** ذ. [ع. غَرَضَ ج أَغْرَاضُ] غرض. ۽ مطلب.

• **أَغْلَاط:** ذ. [غَلَطَ ج أَغْلَاطُ] غلطيون – چڪون.

– **أَغْلَاط نامو ج أَغْلَاط نامه:** ذ. غلطين جي فهرست – پَل نامو.

• **إِغْلَامَ ۽:** ذ. [ع. غلم = شهوت ٽيڻ] غير فطري بدفعلي – لونڊي بازي.

• **أَغْلَبُ:** صفت. [ع. "غالِبُ" جو تفضيل] وڏيڪ غالب – سوپارو. اڪثر – گهڻو ڪري.

– **أَغْلَبُ النَّاس:** صفت. اڪثر ماڻهو "غَلَى الاغْلَب" = گهڻو ڪري – وڏو احتمالَ آهي.

• **إِغْمَارُ ج إِغْمَازَ:** ذ. [ع. إِغْمَارُ = عيب ڪڍڻ. غمزو ڏيڻ] غمزو – اکين يا پرن جو اشارو. غيب جوئي.

• **إِغْمَاز ۽:** ذ. نخرو – انگل. وڏائي – غرور. اٺ رکي إغماز سين، پيا چڱا چٽنجل چار" (ڪبيرشاه).

• **إِغْمَاضَ ج إِغْمَاض:** ذ. [ع. إِغْمَاضُ = اکيون پوڻ. چشم پوشي ڪرڻ] چشم پوشي.

• **أَغْنِيَاء:** ذ. صفت. [ع. غَنِي ج أَغْنِيَاءُ] شاهوڪار.

• **إِغْوَا:** ذ. [ع. إِغْوَاءُ = لالچائڻ. ڦَتارڻ] بدراهي – ڦَتار.

– **إِغْوَا ڪرڻ:** برغلائڻ – گمراه ڪرڻ – پچائڻ.

• **أَغْيَارَ:** ذ. صفت. [ع. غَيْرُ ج أَغْيَارُ] غير ماڻهو – اوپرا – ڌاريا – بيگانا – أجنبي – پراوا "غَيْرُوَ أَغْيَارَ = دشمن ۽ دوست. سڄي دنيا"

– **أَغْيَارِي ج أَغْيَارِيون:** ث. ڌاريان ڪي – حريفي.

• **أُفْ:** حرف ندا. [ع. اُف] ڏک ۽ غصي ۾ ڦوڪ ۽ جهٽڪ جو آواز. ڏک ۽ ارمان جو لفظ – درد جو ٿورو آواز. ٻڙڪ.

• **أُف ڪرڻ:** دف ڪرڻ – اوڏائي ڇڏڻ – لتائڻ – ڪپائڻ (ملڪيت).

– **أُفْ نه ڪرڻ:** پرواهه نه ڪرڻ – چخي ڪرڻ.

• **إِفَادَه ج إِفَادَا:** ذ. [ع. إِفَادَه = فائدو ڏيڻ] فائدو – لاڀ – نفع.

– **إِفَادَه وَاسْتِفَادَه:** ذ. سيکارڻ ۽ سکڻ جي حالت.

• **إِفَادِيَت:** ث. [ع. فيد = فائدو ڏيڻ] نفعو – فائدو. حاصلات.

• **أَفَاضِلَ:** صفت. [ع. أَفْضَلَ ج أَفَاضِلُ] فاضل ۽ عالِم ماڻهو.

• **إِفَاقَه ج إِفَاقَا:** ذ. [ع. إِفَاقَه = جاڳڻ. بيماريءَ مان اُٿڻ] سجاڳي – هوشياري – بيماريءَ مان چاهائي.

• **أُفْتَاد:** ث. [ف] عاجزي – ناچارگي. حياتيءَ جي شروعات – ٻالپڻو.

– **أُفْتَادَگِي ج أُفْتَادَگِيون:** ث. نماڻائي.

– **أُفْتَادَه:** صفت. ڪريل. عاجز – ستايل.

• **أُفْتَان وخيزان:** ظرف. [ف] ڪرندو ۽ اُٿندو.

• **إِفْتِتَاحَ ج أَفْتِتَاح:** ذ. [ع] ڪنهن ڪم جي شروعات – آرنبه "اللّٰه اڪبر" چئي نماز شروع ڪرڻ جي حالت.

• **إِفْتِخَارُ:** ذ. [ع] فخر – وڏائي – هٽ. ناز.

• **إِفْتِرَا:** ث. [ع. إِفْتِرَاءُ] تهمت – الزام – بهتان. ننڊا – گلا.

• **إِفْتِرَا پرداز:** صفت. تهمت هڻندڙ – الزام هڻندڙ. شرير – فسادي.

• **إِفْتِرَاض:** ذ. [ع] فرض جي مقرري.

• **إِفْتِرَاق:** ذ. [ع] فراق – جدائي – وچوڙو. اختلاف.

• **إفراتفري** ث. [ع. إفراطُ و تفريطُ = وڌ گهٽ، بي اِعتدالي] پريشاني. گهبراهٽ – ڏڪيڙ – پاجڙ. جڙ ويڙ ائي.

• **أفراد**: ڏ. [ع. فَرْدُ ج أفراد] فرد – جڏا – ماڻهو.

• **أفرادَ**: ظرف. [ع. إفراطُ = جهجهائي] گهڻي قدر – اڃايو – عجب – بيجا. (صفت) مفت – بيفائدو ـ بيسود – نڪمو – بيڪار.

• **أفرادو**: صفت. اويرو – اوڦٽو – ڏاريو.

• **أفراز**: صفت. [ف] مصدر "أفراختن" جو اَمر. جو اسر جي پويان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيندو آهي "سرافراز = مٿو مٿي كندڙ". (ظرف) بلند – مٿاهون "سجل سرافراز كيو آٿي عشق اَجهَل" (سجل).

• **أفراسياب**: اسر خاص. [ف] توران جي هڪ قديم بادشاه جو نالو (جو ايران جو ويري هو ۽ جنهن كي كيخسرو ماريو هو).

– **إفراط**: ث. [ع] زيادتي – گهڻائي – واڌارو. (صفت) اڃائي – بي فائدي "عمر ويئي افراط اڃائي، كين كمايو كوڏي كائي."

• **إفراطَ و تفريط**: ث. جهجهائي ۽ ٿورائي – بي اعتدالي.

• **افرنگ**: ڏ. [ف] يورپ. (صفت) يورپي. عيسائي.

• **أفروز**: ڏ. [ف] مصدر "أفروختن" جو امر. جو اسر پٺيان اَچي ان كي "فاعل مركب" جي معنيٰ آهي "بوستان أفروز = باغ روشن كندڙ. عالَمَ أفروز = جهان كي اجاريندڙ. مَجلِس أفروز = مجلس سينگاريندڙ"

• **أفروزه**: ث. [ف] بتي يا ڏئي جي وٽ.

• **أفروغ**: ڏ. [ف. فروغ] روشنائي. نور جو تروڙو – شعاع. زيب و زينت.

• **أفريتُ، إفريتُ، إفريدُ**: ڏ. [تركي. إفريت: ع. عِفريت] ديو – جنّ. خدمتگار – ٻانهو "إفريد كيائين اڳَ ير. نگي نروارا" (رمضان كنيي).

• **افزا**: صفت. [ف. افزودن = وڌڻ] وڌائيندڙ. لفظ جي آخر ۾ كم ايندڙ پچاڙي "روح افزا وغيره".

• **أفزائش ج أفزائشُون**: ث. [ف. أفزودَن = وڌائڻ] واڌارو – زيادتي.

• **افزائي**: ث. واڌ – گهٽائي. لفظ جي آخر ۾ كم ايندڙ پچاڙي "همت افزائي وغيره".

• **أفزود**: ڏ. [ف. افزودن] زيادتي – واڌ – گهٽائي – جهجهائي. (صفت) زياده ـ جهجهو "الفت ڙك الك سين. اندر ۾ افزود" (شاه).

– **أفزودگي**: ث. زيادتي – واڌ – اضافو.

• **أفزون**: صفت. [ف] وڌيل – زياده ـ وڌيڪ – گهڻو. واڌارو كيل "روز افزون = روز بروز وڌندڙ"

– **أفزوني**: ث. زيادتي – گهٽائي – جهجهائي – فراواني.

• **أفساو**: ڏ. [ف] گهوڙي جي واڳ.

• **أفسانو ج أفسانا**: ڏ. [ف. أفسانه] كهاڻي عجيب و غريب قصو. كوڙي گاله. نقل. فسانو. داستان. بيان (سورن جو).

– **أفسانه پَرداز**: صفت. كوڙيون گاله‌يون ٺاهيندڙ.

– **أفسانه نگار نَويس**: ڏ. صفت. افسانو چتيندڙ – افسانو لكندڙ.

• **أفسَر ج أفسَرَ**: ڏ. [انگ. officer] عملدار – كامورو – آفيسر. سردار. حاكم. [ف] تاج – چت.

• **أفسُرده، أفسُردو**: صفت. [ف] مايوس – كومايل – اداس – دلگير – غمگين.

– **أفسُردگي**: ث. دلگيري – اداسي – مايوسي – ارمان. رنجيدگي. بي رونقي.

– **أفسُردَه بَيان**: صفت. جنهن جي گاله‌ائڻ مان مزو نه اچي.

– **أفسُرده جان، خاطِر دِل**: صفت. رنج – اداس – پريشان حال – غمگين.

• **أفسَنتين**: ث. [يوناني] گوماندر. بساركي وكر جو هڪ قسم.

– **أفسوس ج أفسوس**: ڏ. [ف] ارمان – ڏك – شوڪ – غم. صدمو. (حرف ندا) هايا آهَ! "آتش اورانگهي ويا، اگَڻ مون افسوس!" (شاه).

– **أفسوس جا هَڻ هلڻ**: پچتائڻ.

– **أفسوس كرڻ، كائڻ**: ارمان كرڻ – غم كرڻ – ماتم كرڻ – ڏك كرڻ.

– **أفسوسناك**: صفت. دكداڪ – ارمان جهڙو.

• **أفسُون**: ڏ. [ف] جادو – منتر – ٽيڪو. نگي – فريب – چالاكي.

– **أفسُون پَردان ساز**: ڏ. صفت. جادوگر.

– **أفسُون خوان**: ڏ. صفت. جادو پڙهندڙ. جهاڙ وجهندڙ.

– **أفسُون گر**: ڏ. صفت. جادو گر. نگ.

• **أفشان**: صفت. [ف] مصدر "أفشاندن" جو امر. جو اسر جي پٺيان اچي اسر فاعل مركب ڏيكاريندو آهي "خون افشان. زر افشان. عطر افشان. گل افشان وغيره". هاريل. پكڙيل. اچلايل.

• **أفشاء**: ظرف. [ع. فَشْي] ظاهر – نروار – پڌرو.

– **أفشاء ٿيڻ**: نروار ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – كلڻ.

• **أفصَح**: صفت. [ع. "فَصيحَ" جو تفضيل] وڌيڪ فصيح يا صاف زبان.

• **أفضَل ج أفضَل**: صفت. [ع. "فاضِل" جو تفضيل] سڀ كان پلو – سڀ كان فضيلت وارو – تمام چڱو – بهترين پلارو.

• **أفضَلُ الذِّكر**: ڏ. سڀ كان پلو ذكر "لاإله إلاّ هو".

• **أفضليت**: ث. برتري – فوقيت.

• **إفطار**: ڏ. [ع] روزي چوڙڻ يا كولڻ جي حالت.

• **إفطاري**: ث. روزي كولڻ وقت كاڌي جي شي.

• **اَفْعال:** ذ. [ع. فَعل ج اَفْعال] ڪمر – ڪرتوت – فعل – ڇوڙ "ڏنگها ڇڏنطيف ڇئي، اڇهڙ جا افعال" (شاه).

• **اِفْعال:** ذ. [ع. اِفْعالہ = ڪرائِنْ] فعل جو ٽيون مزيد ٽلاثي وزن، جنهن تي سببي فعل ٺهن "نَزَلَ = لَهَنَ > اِنْزالَ = لهرائڻ، هيٺ ڪيرائڻ".

• **افعي:** ذ. [ع] ڪارو نانگ، زهري نانگ. (صفت) ڏنگيندڙ – نقصان پهچائيندڙ.

• **اَفْغانُ ج اَفْغانِ:** ذ. اَفغانستان جو رهاڪو – پٺاڻ.

– **اَفْغانستانُ:** اسم خاص. پاڪستان جي اترئين اولهه ۾ افغانن جو ملڪ.

– **اَفْغانستاني ج اَفْغاني:** صفت. افغانستان جو (ث) افغانستان جو سڪو.

• **اُفُقْ ج اُفُقُون:** ث. [ع. اُفُقَ ج آفاقَ] زمين ۽ آسمان ڪڏ ڏسڻ واري خيالي جاءِ ۽ سمسڪان – آڪاس گرب.

• **اَفْكار:** ذ. [ع. فِكْرَ ج اَفْكار] فِڪر – خيال.

• **اَفْگار:** ذ. [ع] ڦٽ – زخم – چٽو (وهت جي پٽيءَ تي). (صفت) زخمي – ڦٽيل – مجروح، تڪر تڪر.

• **اَفْگن:** صفت. [ف] مصدر "اَفْگندن" جو امر اسم جي پٺيان اچي اسم فاعل مرڪب جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "مرد افگن = ماڻهو اچلائيندڙ، شيرافگن = شينهن اچلائيندڙ، سايه افگن = پاڇو وجهندڙ".

• **اَفْگَنْدو ج اَفْگَنْدا:** ذ. صفت. [ف] اچلايل – اچليل – ڪيرايل، نيڇ – خسيس، غلام.

• **اَفْگَنْدگي:** ث. [ف. افگَنْدَن] ڪم بختي – نياڳائي – ندرائي، نوڙت – نياز "پوءِ پائڇ پير پڙ ۽ پرت جي: عاجزي، آفگندگي اڳوار رک" (فاضل)؛ "بندگي افگندگي، اها ميڙ مڪيام" (شاه).

• **اِفْلاسُ:** ذ. [ع] ڪنڱائي – سُڄائي – ڪنگالپڻو – غربت – مسڪيني – ناداري – تنگدستي.

• **اَفْلاطُونُ:** اسم خاص. يونان جو مشهور فيلسوف، جنهن "الاهي حڪمت" جو پايو وڌو. (صفت) عقلمند – استاد – هوشيار – قابل، ڄالاڪ حرفتي – اٽڪلي.

– **اَفْلاطُوني:** ث. ڄالاڪي، حڪمت عملي.

• **اَفْلاڪُ:** ذ. [ع. فَلَكَ ج اَفْلاك] فَلَڪ – آسمان – آپ، آسماني اجرام (آسماني گرهن وغيره جا دائرا) "زبر و زير اشاري ۽ افلاڪ ٽي پيا".

– **اَفْلاڪِ خَزِينَه:** ذ. اُهي ننڍا دائرا جي ڏرتيءَ جي چوڌاري قريل نه آهن.

– **اَفْلاڪ شناسُ:** صفت. [ع + ف] نجومي – جوتشي.

– **اَفْلاڪ كُلِّيه:** ذ. اُهي وڏا دائرا جي زمين جي چوڌاري قريل آهن.

– **اَفْلاكِي ج اَفْلاكي:** ذ. صفت. آسمان جا پوڄاري، آسمان ۾ رهندڙ. اُهي جي آسماني دائرن جي اثرن ۾ جنبشن جو اپياس ڪن ٿا.

• **اَفْنْدي ج اَفْنْدِي:** صفت. [ترڪي] سائين – سردار. لقب طور ڪم ايندڙ لفظ.

• **اَفْواجَ:** ث. [ع. فَوْج ج اَفْواج] فوجون – لشڪر.

• **افواج بحري:** ث. سامونڊي لشڪر.

• **افواج بَري:** ث. خشڪي جو لشڪر.

• **اَفْواهُ ج اَفْواه:** ذ. [ع. فُوه (= وات) ج اَفواه] هَل – هاوائو – غير معتبر ڳالهه – بي بنياد ڳالهه – بازاري گپ – سنسني – اڏو – هُوڙ.

– **اَفْواهي، اَفْوائِي:** صفت. اڻائي – غير معتبر – بي اصل (ڳالهه) – هَليل.

• **افهام:** ذ. [ع. فهم = سمجهڻ] سمجهائي – فهمائش.

• **اَفْيُون:** ذ. [سن. اَهِ ڦينم، اڦينم] آفيم – امل.

– **اَفْيوني ج اَفْيوني:** ذ. صفت. آفيمي – امل ڪائيندڙ – اَملي.

• **اَفِي ج اَفِيُون:** صفت. [ف. اَف] ٿوڪ ڇڏ – ناس.

– **اَفِي هُڻڻ:** سنگت ڏنائڻ، ناس ڪرڻ – سيڪجهه ڪبائي ڇڏڻ.

• **اَفْ:** ث. هَڦ – گرمي – اُبس – اُڪرس، پرتي – آپاڻ – آڌري. – [ع. اَفّ] پٽڪو – ڪُفتو، نفرت جو آواز. (صفت) ڇت – ناس – برباد.

– **اَفْ اَفْ ڪري، ڪَڻ:** تبائي ڏيڻ.

– **اَفْ ڏائِنْ:** جملو. هار جي ڪنڪهه سائڻ وقت، هار جي روئڻ تي دائيءَ جو ڪيل آواز "هت ڏائِنْ!"

– **اَفْ ڪَرڻ:** ڇت ڪرڻ – ڏڪ ڪرڻ.

• **اَفاداتو ج اَفاداتا:** ذ. پڌانو (ڳهوٽ جي پويان ڪاٺن جو جوڪٽ، جو اهنريا ٻيو ڪو ڪتي هلي).

• **اَفاڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَشْمَرْ، اَشڻ] ڪير کي خراب ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ ڪير جي ڪُني کي ماڇي پوءِ ان کي مارنگن تي اونڌو ڪري سيڪ ڏيڻ.

• **اَفائِڻُ:** مصدر. [سن. اَشْمَر] ڇهڻ. ٽڪر جي ٽڻين ٽاڻو کي پاڻيءَ ۾ پچائڻ – اُمهاڻڻ – ڪنهن شيءِ کي تبائڻ.

• **اَڦَتْ:** ظرف. [سن. اَدْ = متي، تي + پَدَمَ = هنڌ] انهيءَ هنڌ تي – اتي جو اتي – انهيءَ دم – بنهه – لٻيٽ – صفا ٽوڙب.

– **اَڦَتْ مارڻ، ماري وجهڻ:** صفا ماري ڇڏڻ – اتي جو اتي صفا ماري پورو ڪري ڇڏڻ.

• **اَڦَجَڻ:** مصدر. هَڦَجَڻ – گرمي ۽ مندوڻين.

– **اَڦْجَڻ اَڦْجَرا ۽ اَڦْجرائون:** ث. [سن. اَپسَرا] اپسر – پري، حور – تمام سهڻي زال – حسينه ۽ اپسرا.

– **اَڦْجَرائي ج اَڦْجرائِيُون:** ث. حسن – جمال – سونهن.

• **أڈر:** ذ. صفت. [سن. أ = ن + ڈُڑ = ڈرڪن، ڈڪن] بنا ڈرڻي – بي اونو – بي الڪو – بي فڪرو. گڏيءَ کانسواءِ "ڪري من أڈر سامي جڏيائين چن ۽ "(سامي).

– **أڈرو ج أڈرا:** ذ. صفت. بي الڪو – بي فڪرو.

• **أڈراتو ج أڈرانا:** ذ. [سن. أڈ = مٿي + پلشت = سيڊ، آيل] سوڪ يا ڏيئو مٿي، ٻڙن ٻڙن واري ڪٿي مائي – ڪرڻاتو.

• **أڈراتي:** ڏيئي ڏوڪجي.

• **أڈرانڊو ج أڈرانڊا (ت):** ذ. صفت. بنيرو.

• **أڈرائيڻ:** مصدر. ڏيئڻ – ڏوڪجڻ "ناڪ نيسر پجئو، اٽ تو أڈرائي" (قطب شاهه) (أڈرائيو – أڈرائيندو – أڈرائيل).

• **أڈرڪڻ:** مصدر. [سن. أڈ = مٿي + ڪُڙ = ڈرڪڻ، ڈڪڻ] ننڊ ۾ ڳالهائڻ – ڏبرڻ. ڏيئڻ – ڏيئڻ. مٿي ٽيڻ – أڈرڪڻ – اڈلڪڻ. ڏونري جو جمي ڏيئيون ۽ پاڻي علحده ٿي پوڻ.

– **أڈرڪ ج أڈرڪون:** ث. ننڊ ۾ ڳالهاءِ – وڏل.

– **أڈرڪائيڻ:** مصدر "أڈرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏهڪائڻ – جوش ڏيارڻ.

• **أڈرو (ت):** ذ. ڪپڙي جو هڪ ڏسر (جو ٻڙن ناهن ۽ ڪم اچي).

• **أڈرڪڻ:** مصدر. [سن. أڈ = مٿي، تي + ڪُڏڻ = ڪلڻ، ويڪرو ٽيڻ] ڏيئڻ. أڈرڪڻ.

• **أڈلُ ج أڈلَ:** صفت. [سن. أ = ن + ڈل = ميرو، لاڀ] بي ڏرو – نڪُل. بي فائدو – بنا نتيجي.

• **أڈلڻ:** مصدر. [سن. أڈ = مٿي + ڪُڏڻ = ڏڪڻ] وڌڻ – جايون ڳالهيون ڪرڻ. بڪ بڪ ڪرڻ. أڈرڪڻ. ڏبرڻ.

– **أڈل ج أڈلون:** ث. اجائي بڪ بڪ – بي فائدي گفتگو – بڪواس.

• **أڈڻ:** مصدر. [سن. أڈ = مٿي، تي + ڪُڏڻ = ڏيئڻ، ڏيئڻ = ڏيڻ، ڳجهي] جميل ڪير يا ڏونري جو ڳجهي ڪڙي ٽانو جي ڪنن ڪان ٻاهر نڪرڻ. ڏيئڻ – أبرڻ – أڈرڪڻ. أيامن ڏيئڻ (ڪير جو) تڪبّر ڪرڻ.

• **أڈونڊ:** ث. [سن. أڈ = مٿي + ڪُڏڻ = ڪلڻ، ڏوڪجڻ، ويڪرو ٽيڻ] أڪڙ – سيٽ – وڏائي – ڏوڪ. هٽ – تڪبّر.

• **أڈونڊجڻ:** مصدر. سيٽجڻ – ڏونڊ ۾ پرجڻ – ڏوڪجڻ.

• **أڈونڪڙو ج أڈونڪڙا:** ذ. صفت. اٻڪرو. ٻاهرين ٻوتو وڌو اندر پورو – ڏبي نه پريل – ڏنڊيل – أڈرڪيل. أبوڪرو – اٽيل – هلڪو – اچاتو.

• **أڀي ج أڀيون:** ث. [سن. اڀواس = سهڪي. ماندگي] ساهه جي گهٽ – مونجهه – سوڙهه. هٿي. گهاٽ – نقصان – زيان – چيهر.

• **أڀيرڪو ج أڀيرڪا (ت):** صفت. [سن. أ = ن + پر = پرڻ] مٽاجرو پريل – أڏرڪيل – ڏنڊيل.

• **أڀيڪو ج أڀيڪا:** ذ. صفت. بي ڏيلو – ٿلهو متارو – بي زورو – أڀيڪو (ل) – ڏيٽو.

• **أڀيڪڙ ج أڀيڪڙا (ل):** ذ. صفت. أڀيڪو.

• **أڀاربَ:** ذ. [ع. قَرِيْب ج أقا٠] ويجها مائٽ.

• **أڀاڀيا:** ذ. [يوناني. أڪيشيا] ٻير جي ڇوڙي. جي رَس (جا رت بند ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي).

– **أڀاليس سبعه:** ذ. هفت اقليم – ست ولايتون – آباد دنيا جا ست پٽا.

• **إقامتَ ج إقامتُون:** ث. [ع. إقامة = بيهارڻ] نماز ۾ تڪبير جي لفظن "قَدْقَامَتِ الصَّلوٰة" ٻڌڻ سان نماز لاءِ ڪڙو ٿي تيار بيهڻ جي حالت. بيهڪ – استادگي. ٻڌڻ جي حالت.

• **إقامت گاه:** ذ. رهڻ جي جاءِ – ترسڻ جو هنڌ – قيام گاه.

– **إقامت گزين:** صفت. رهندڙ.

• **إقبالَ ج إقبال:** ذ. [ع. إقبال = اڳيان وڃڻ] بلندي – اوج – مرتبو – عروج – درجو. عزت – مان – شان. پاڳ – بخت – خوش قسمتي – خوش نصيبي – خوشحالي. سعادت – نيڪ طالع. (اسم خاص) پاڪستان جي مشهور اردو ۽ فارسي شاعر جو نالو – علامه اقبال.

– **إقبال مندي:** ذ. صفت. پلي پاڳ وارو – خوش نصيب.

– **إقبال مندي:** ث. خوش نصيبي – خوش قسمتي – پلو پاڳ.

• **أقبح:** صفت. [ع. "قبيح" جو تفضيل] وڌيڪ قبيح – بيڻڙو.

• **إقتباس ج إقتباس:** ذ. [ع] جوند – انتخاب. نقل – پهنجي تصنيف ۾ ٻئي جي لکيت جو ورتل ٽڪڙو. حصو.

• **إقتدار ج إقتدار:** ذ. [ع] طاقت – قوت – پهچ – وسعت. عزت. مرتبو. درجو – عهدو. "بلند اقتدار" = وڏي مرتبي يا رسوخ وارو.

• **إقتدار اعلي:** ذ. حڪومت جا اختيار.

• **إقتراب:** ذ. [ع] ويجهائي – قرب.

• **إقتصاد:** ذ. [ع] ڪفايت – صرفو. "عِلْمُ الاقتصاد" = سياست مدني: ارٿ شاستر"

– **إقتصادي:** صفت. معاشرتي – مالي.

– **إقتصاديات:** ث. دولت جي پيداوار ۽ ورهاست بابت علم – ارٿ شاستر.

• **إقتصار:** ذ. [ع] اڪتفاء – قناعت. انحصار.

• **إقتضا:** ث. [ع] گهُر – ضرورت.

• **إقتضاي حال:** ث. حالتن جي ضرورت.

• **أقدار:** ذ. [ع. قَدَر ج أقدار] انداز. خدائي تضائون.

• **اَقْدامَ:** ذ. [ع. قَدمَ ج اَقْدام] پير – قدمَ. اُپاوَ – وسيلا.
• **اِقْدامُ:** ذ. [ع] پيش قدمي – اڳرائي. قدم.
• **اَقْدَسُ:** صفت. [ع. "قُدّوس" جو تفضيل] سڀني کان پاڪ – وڏيڪ پاڪ. مُقدّس.
• **اِقْرارُ ج اِقْرارَ:** ذ. [ع] انجام – وعدو – قول – وچن – سُخن – ٻول – پرتگيا. مڃتا – قبوليت. هاڻوڪار.
– **اِقْرار صريح:** ذ. صاف بيان.
– **اِقْرار ڪرڻ:** انجام ڪرڻ – وعدو ڪرڻ. مڃڻ – قبول ڪرڻ – ٻاسڻ.
– **اِقْرار مُبْهَم:** ذ. منجهيل بيان.
– **اِقْرارنامو:** ذ. انجام نامو – معاهدي جي لکيت – عهدنامو.
– **اِقْراري:** ذ. صفت. اقرار ڪيل – اِقرار ڪندڙ – قبول ڪندڙ – ٻاسيندڙ. انجامي.
– **اِقْراري ٿيڻ:** انجامي ٿيڻ. اقرار ڪرڻ. قبولدار ٿيڻ (ڏوهه جو). ٻاسڻ.
• **اَقْرانُ:** ذ. [ع. قَرَنَ ج اَقْران] هڪ جيڏا – همعصر.
• **اِقْرانُ:** ذ. [ع. اِقْران – گڏڻ] هڪ ئي احرام ۾ عمره ۽ حج ادا ڪرڻ جي حالت.
• **اَقْرَبُ:** ظرف. [ع. "قريب" جو تفضيل] قريب – تمام ويجهو.
• **اَقْرِبا:** ذ. [ع. قَريب ج اَقْرِبا] ويجها مٽ مائٽ – عزيز – خويش.
• **اَقْساط:** ذ. [ع. قِسط ج اَقْساطُ] قِسْطُون.
• **اَقْسام:** ذ. [ع. قِسم ج اَقْسامُ] قسمَ – نمونا "زلف، عارض، خال، خط، ڏندادن، لب – هي مڙيئي ٽا ڇون اَقْسام سَمر" (بليل).
• **اَقْصَرُ:** صفت. [ع. "قصير" جو تفضيل] وڏيڪ ڇوٽو – سڀ کان ڇوٽو.
• **اَقْصيٰ:** ظرف. [ع. "قاص" جو تفضيل] وڏيڪ پري – سڀ کان پري. (اسر خاص) فلسطين ۾ مسلمانن جي پاڪ عمارت جو نالو (المسجدالاقصيٰ = پراهين مسجد) – بَيتُ المَقْدس.
• **اَقْطابُ:** ذ. [ع. قُطب ج اَقْطابُ] وڏا ولي "قُطب الاَقْطاب = قُطبن جو قُطب".
• **اَقَلّ:** صفت. [ع. "قَليل" جو تفضيل] بيحد ٿورو – تمام قليل.
– **اَقَل قَليل:** صفت. ٿوري مان ٿورو.
• **اَقْلامَ:** ذ. [ع. قَلَمَ ج اَقْلامَ] قَلَمَ.
• **اَقَليّت ج اَقَليّتونُ:** ٿ. ٿورڙائي.
• **اَقْليدَس:** اسر خاص. [يوناني. يُوڪلِد] هڪ يوناني حسابدان جو نالو.
• **اِقْليمُ:** ذ. [ع. اِقْليمَ ج اَقاليم] زمين جي مٿاڇري جو هڪ پٽو يا پاڳو. هنت اقليم جي سڏن پٽن مان هڪ پٽو (مشرقي جغرافيه دانن هنت اقليم کي ڪُرهِ ارض جي چوٽين حصي ۾ ورهايو آهي). ولايت – مُلڪ.

• **اَقْوالُ:** ذ. [ع. قولَ ج اَقْوالَ] نصيحتون گفتا – ڳالهيون.
• **اَقْوامَ:** ز. [ع. قَوم ج اَقْوامَ] قومون. فرقا – مذهبَ.
• **اَقْويا:** صفت. [ع. قَوي ج اَقْويا] قوّت وارا – سگهارا.
• **اِقْيانُوسُ:** ذ. [يوناني] وڏو سمند – مها ساگر.
• **اَڪ ج اَڪ:** ذ. [سن. اَرڪ] هڪ مشهور وڻ.
– **اَڪارَ ج اَڪارَ (ڪ):** ذ. اَڪ جي ٽندن جو رسو.
– **اَڪارو:** ذ. صفت. اَڪ جي ڪير سان داغيل. اَڪارو (ڏسو).
– **اَڪ تي اَڏو هارڻ:** بي فائدو ڪم ڪرڻ.
– **اَڪ تي ماڪي هارڻ:** مُورک کي سمجهائڻ.
– **اَڪ تَتڙ ج اَڪ تَتڙ:** ذ. اَڪ جي انبڙي، جو اندريون مغز.
– **اَڪ تَتڙ ج اَڪ تَتڙ:** ذ. اَڪ جي ڪپهه مان جيت مثل اَڏامندڙ ذرو. اَڪ ٽتڙ.
– **اَڪ ٽٽڙو ج اَڪ ٽٽڙا:** ذ. اَڪ جي ٻوٽي جو ڦر – اَڪ جو اَنب.
– **اَڪ پاڏيئو ج اَڪ پاڏيئا (ٿ):** ذ. اَڪ تتڙو.
• **اَڪ ڦر (لس):** ذ. اڪ جو ڦٽل (جنهن ۾ نهايت نرم ۽ نازڪ اڇا وارڙا ٿين) – اَڪ جو اَنب. "اَڪ ڦر ڪنان انگ عجيبن، ڪنڙا گهٽر ڪزين ميان" (ڪبير شاهه).
– **اَڪ پڙو ج اَڪ پڙا (ٿ):** ذ. اَڪ جو پَن.
– **اَڪ پوکڻ:** ڪنهن سان نهي نه هلڻ.
– **اَڪ جو بُنڊ، ڪِڪ:** ذ. نازڪ ماڻهو.
– **اَڪ جي ماکي:** محاورو. سولي ڳالهه – تمام آسان ڪم.
– **اَڪ جي ماکي سمجهڻ:** ڪنهن کي سولو سمجهڻ.
– **اَڪ جي ماکي لاهڻ:** آسان ڪم ڪرڻ. بنا تڪليف ڪم پورو ڪرڻ. مفت ۾ فائدو حاصل ڪرڻ.
– **اَڪڙو ج اَڪڙا:** ذ. "اَڪ" جو اسر تصغير – ننڍو اَڪ. سڏ ۾ ڪن ڳوٽن جو نالو.
– **اَڪ سان اَڪ اَڳهڻ:** ڏسي وائسي نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ. جوڪائنو هلڻ، پاڻ ڏاڍي سان هٽ انڪائنو.
– **اَڪ سِٽي:** ٿ. اَڪ جي سُڪل چوڙي، جُون تَندُون (ڪ).
– **اَڪ ڦاڏيئو ج اَڪ ڦاڏيئا (ٿ):** ذ. اَڪ جو پَن.
– **اَڪ ڦَرَ ج اَڪ ڦَرَ:** ذ. اَڪ تتڙو.
– **اَڪ ڦُلڙي ج اَڪ ڦُلڙيون:** ٿ. اَڪ جو گل "اَڪ وَڻ جي ڦُلڙي. ميوا بيد وَڻن – جنهن پڙي ۾ نه پيا سو سائو ڪين وَڻن" (گرهوڙي).
– **اَڪ ڦُليئو ج اَڪ ڦُليئا (ٿ):** ذ. اَڪ ڦُلڙي.
– **اَڪ ڪارا ڪرڻ:** (طنزاً) وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ – سوپ جهڙو

ڪر ڪرڻ – وڏو ڪر ڪرڻ – ڪنهن مُهر ڪي مَٿو ڏيڻ. ڪرامت ڪري ڏيکارڻ. (مجازاً) ڪجهه نه ڪرڻ – سوجهرو نه ڪرڻ.

– **اَڪ ڪرڻ:** زمين جو اڪ پيدا ڪرڻ – زمين جو آبادي ۽ ڪان ڪرڻ "زمين ڪري اَڪ ڪري".

– **اَڪ ڪڏڙ ۾ اَڪ ڪڏڙ:** ذ. اَڪ تي ويهندڙ سائو جيٽ – سائو مڪڙ. گوگو (ٽ).

– **اَڪ وات ۾ اَچڻ:** خراب ڳالهائڻ. ڪاوڙ ۾ آڇڻ.

– **اَڪڻ تي اَٿو هارڻ:** اَجايو نقصان پائڻ. بيسود ڪر ڪرڻ.

– **اَڪڻ تي پارو:** محاورو. سختي سان تباهي.

– **اَڪڻ تي پارو پوڻ، ٻُڌجي وڃڻ:** سخت سي ۽ سبيان اڪڻ جي پنن جو بلڪل سُڪي سڙي، پُري وڃڻ (رواجي سي ۽ ڪان اڪ متاثر نه ٿيندو آهي. اڪڻ جو سڙي وڃڻ سخت سي ۽ جي مترادف آهي). صفا تباهي ٿي وڃڻ. بلڪل خاتمو ٿي وڃڻ. ڪنهن ڏاڍي جو هيٺ سان ڪلور ڪري ڇڏڻ. غريبن سان نسورو ظلم ٿيڻ.

– **اَڪڻ جي واڙ ۾ ويهڻ (ٽ):** هيٺ بنجڻ – اُپرو ٿيڻ.

– **اَڪڻ سان ڪَنهن:** نقصان جهڙا ڪر ڪرڻ. ڏاڍن سان هٿ آتڪائڻ.

– **اَڪڻ ڪان آما (اَنب) ڪُهرڻ:** بخيل ۽ نڪمي جي اميد رکڻ

– **اَڪَوارو ج اَڪَوارا (ٽ):** ذ. اَڪ جي ڪاٻي جي ڪل مان نڪتل سنها تاندورا.

– **اَڪيرو ج اَڪيرا (ل):** ذ. صفت. اڪڻ وارو هنڌ.

• **اِڪ (ت):** ٿ. پاڇي ۽ جو هڪ قسم. گاه جو هڪ قسم. اِڪڙ.

• **اَڪ:** ٿ. [سن. اَڪاپ] ٻوسٽ – ڳهٽ – زڳهه – اُڪرس. اڇ – پياس – تاس – ٽرنس. اُڪند – اُڪير – ڇڪ – تانگهه.

– **اَڪ ڪنگهه:** ٿ. سُڪي ڪنگهه ـ ٻُڪ ڪنگهه.

• **اِڪا ج اِڪائون (ت):** ٿ. اُڪرس – گهٽ. (صفت) هڪ.

• **اَڪابُر ج اَڪابر:** ذ. صفت. [ع. اَڪبر ج اَڪابر] عقل وارو – هوشيار – قابل – سياڻو – ڏاهو. لائق مُدبر. وڏو – بزرگ. نالي وارو – نامياروـ مشهور.

• **اڪابرين:** ذ. [ع. اَڪبر جو جمع والجمع] بزرگ شخص. وڏا ماڻهو. امير. رئيس. عقلمند – دانا.

• **اَڪاڄ ج اَڪاڄ:** ذ. صفت. [سن. اَ + نـ + ڪارِيه = ڪاڄ. ڪم] بي ڪمو – نڪمو – نڪارو. بيعقل – بي سمجهه – بي هنر – جَٽ – آڪاڄ "آيل آڪاڄ. ٻول پاروچي وترو" (شاهه). (ٽ). اَڪاڄ ج اَڪاڄون "آت اَڪندي آهينا. عُمر آڏ اَڪاڄ" (شاهه).

– **اَڪاجي:** صفت. بيڪار (شيءِ. جانور) – بي همت – آلسي (ماڻهو).

• **اَڪارُ ج اَڪارُ:** ذ. صفت. [سن. اَ + نـ + ڪارِيه - ڪم] نڪمو – بي ڪمو. سُست. اجايو – فضول – واهيات.

– **اَڪارَتُ، اَڪارَتُ ج اَڪارَتَ، اَڪارَتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ + ڪاريه + اَرْتُ] بي فائدو – بي سود – اجايو. نڪمو – ضايع – بيڪار – فضول.

– **اَڪاريو ج اَڪاريا:** ذ. [سن. اَڪاريَه] بيڪار – اجايو – بي فائدو – اَڪاڄ.

– **اَڪارِئو ج اَڪارِئا:** ذ. صفت. نڪمو – بيڪار – اجايو.

– **اَڪارِئون:** ذ. صفت. نڪمو – بيڪار.

• **اَڪارَم:** ذ. [ع. اَڪرَمُ ج اَڪارِمُ] سڀ کان ڪريم (سخي) – شريف – سڳورا.

• **اَڪارَنُ:** ظ ف. [سن. اَ = نـ + ڪارَنُ = سبب] بي ڪارن – بي سبب – حق ناحق.

• **اَڪارَڻُ:** مصدر. [سن. اَتْ + ڪرش = چڪڻ] منهن چڪي ڪڍڻ – چاڙهڻ. پار لنگهائڻ – ٻي ۽ ڪنڊي ۽ رسائڻ – اُپرائڻ "ڪَپڙ ڪارونيار. اَڪارين احسان سين" (شاهه). (اَڪاريو – اَڪارينڊو – اَڪاريل).

– **اَڪارَ ج اَڪارُون:** ٿ. پار ڪرڻ واري حالت.

– **اَڪارِئي:** ٿ. اڪارڻ جو محنتانو يا اُجورو.

• **اَڪارُو ج اڪارا:** ذ. اَڪ جي ڪاٻي ۽ جي ڪَل مان نڪرندڙ سنها تاندورا (جنهن مان مضبوط نوڙيون ٺهن ۽ هاري ڪانيائين جا پوڙ وڻين). اَڪ جي تاندورن مان ٺهيل رَسي "هڪ چرڪ سان چوڙي ٻڌڻ چني چڏايم – ڪاباريءَ اَڪارو. توڙي. سني سجاتو" (آسو).

• **اِڪارَهن:** صفت. [سن. ايڪادَشْنْ] يارهن (۱۱).

• **اَڪاسُ:** مصدر. [سن. اَتْسَڪ سڪڻ – جاهڻ – واجهائڻ. "اَڪاسيام يارهينءَ اُباڻا اوطاق" (مولانا غلام محمد ملڪاڻي). سَڏڻ – ڀڄڻ – نڙڦڻ. پريشان ٿيڻ. (اَڪاسيو – اَڪاسيندو – اَڪاسيل)

– **اَڪاسَ ج اَڪاسُونَ:** ٿ. پياس – اُڪير – اِشتياق – سڪ – ڇڪ – تانگهه – طلب – اُڪند.

– **اَڪاسجڻ:** مصدر "اَڪاسڻ" مان فعل مجهول. دل جو چڪڻ – من ڪاڏو ٿيڻ.

• **اَڪاسيو ج اَڪاسيا:** ذ. صفت. سڪايل – سڪ رکندڙ.

• **اَڪالُ ج اَڪالَ:** ذ. [سن. اَ = نـ + ڪال = وَقت] وقت جي حد کان آزاد – ڪال کان بچيل. بي وَقت – بي موقعي. موت کان آجو.

قحط سالي – خشڪ سالي – ڏڪار. مهانگائي – گراني.

– **أكال پرش، پڑڪ:** ذ. سدا حيات – سدائين جيئرو – دائم قائم.

– **أكال پنڊ:** ذ. خالص جو هڪ پنڊ.

– **أكالي پنڊي:** ذ. صفت. اڪال پنڊ جو فرد (سڪ يا خالصي) – أكالي.

– **أكالو ج أكالا:** صفت. بي وقتو – ڪمهلو.

– **أكالو موت:** ذ. بي وقتو موت.

– **أكالي:** ذ. گرو گوبند سنگهه جو پوئلڳ سڪ – أكال پنڊي.

– **أكالي ڏل:** ذ. أكالي سڪن جو مجموعو.

• **أكانجهڙ:** ث. أڪير – سڪ – ڏنگهه – محبت – چاه – پيار.

• **أكاندو:** أڪند. انتظار. سڪ.

• **أكانهُ، أكانهُن:** ذ. صفت. [سن. أ + ن + كٌ = ٻڌائڻ] أڪهه – جيڪ ٻڌائي نه سگهجي – جوڳ کان ٻاهر – بي بيان.

• **أكانجڻ:** مصدر. ڪنهي وجڻ – ڏنڻ (دوستي).

• **أكائڻ:** مصدر. روانو ڏيڻ (أكائيو – أكائيندو – أكائيل.

• **أكائڻ:** مصدر. ڪپائڻ – ازارڻ – تنگ ڪرڻ – حلي ڪرڻ – دق ڪرڻ (أكائيو – أكائيندو – أكائيل.

• **أكائڻ:** مصدر. [سن. ١. اڙگهه – أكو. مُنو؛ ٢. ايڪي ڪ – حساب چڪائڻ] روانو ڪرڻ – موڪلڻ. خرچ ڪرڻ – لبڪو صاف ڪرڻ – حساب چُڪتو ڪرڻ.

– **أكائجڻ:** مصدر "أكائڻ" جان فعل مجهول. ٽئي ٻڪاڙي وڃڻ (ڪڻ، ڏنڻ – خرچ ٿيڻ. اُس ڪرڻ.

– **أكائي وڃڻ:** فيصلو ڪري وڃڻ.

• **أكاؤنٽ ج أكاؤنٽس:** ذ. [انگ. account] حساب – حساب ڪتاب – لبڪو جوکو.

• **أكَتائي:** اسر خاص. تعلقي گوني و هڪ ديهه

• **أكبَرُ:** ذ. صفت. [ع. "ڪبيرٌ" جو تفضيل] سڀ کان وڏو – وڌيڪ وڏو. اسر جوڳو – ڏني تعالي جو هڪ صفاتي نالو "الله اڪبر – الله سڀ کان وڏو آهي" مشهور مُغل شهنشاهه جو نالو جنهن ١٥٥٦ع کان ١٦٠٥ع تائين هندستان تي حڪومت ڪئي.

– **أكبر جو ڪبر:** محاورو. اُٿي جو ڪهوبانو – سُوال از آسمان. جواب از ريسمان.

– **أكبر جو مكبر وڃڻ (ت):** ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن وڃڻ.

– **أكبري ج أكبَري:** صفت. اڪبر جي زماني جو سڪو. مائر ۽ جو هڪ قسم – ٽڪي. وڏو. ج. "ج أكبري" (اڪبر – وڏو جمع. جو جمعي جي ڏينهن ٽيندو آهي. جنهن جو ثواب ايڪيهن حجن جي برابر آهي".

– **أكبري أشرفي ج أكبَري أشرفيُون:** ث. اڪبر بادشاه جي زماني جي سونيَ مُهر (جنهن جو مُلهه سورهن روپيا هو.

– **أكبَري سيرَ:** ذ. أكبر بادشاه جي زماني جو سير (تور جو ماڻ).

• **أكبَنْدُ ج أكبَنْدَ (ڪ):** ذ. صفت. شريسته – سجو – سمورو.

• **أكتَرُ:** اسر خاص. داڏو ضلع جي تعلقي سيوهڻ و هڪ ديهه. نالو.

• **إكتِسابُ:** ذ. [ع] آمدني – ڪمائي – پيدائش – حاصلات.

– **إكتِسابي:** صفت. حاصل ڪيل. اُها شيءِ جا اصلي پيدائشي نه هجي. اُهو علم جو طبع جي زور تي حاصل ڪجي ۽ نه خدائي ذات (وهبي) هجي. غير موروثي مرض.

• **إكتِفاج إكتِفائُون:** ث. [ع] ڪفايت – ضرتو – سجم – پورت – پورائي.

– **إكتِفا ڪرڻ:** قناعت ڪرڻ. راضي رهڻ.

• **أكَثُ ج أكَثْ:** صفت. [سن. أ + ڪٌ] ڪٽڻ يا جوڙ کان ٻاهر – نه ڪٽڻ جهڙو – بي بيان – بيحد – أپار – بي شمار – بي انداز.

• **أكٹ:** ذ. [انگ. Act] قانون – قاعدو – دستور اڪثراءِ ڏيوتي – ميونسپل محصول (گيهه وغيره تي).

• **أكٹ هكٹ:** ذ. ڀلاب ۽ ڪم ايندڙ هڪ دوا.

• **أكٹوبَر:** ذ. [انگ. Octob..] سال جو ڏهون مهينو – أكٹوبر.

• **إكتير مكتير ڪرڻ:** چا جو چا ٻڌڻ.

• **أكثَرُ:** صفت. [ع. "ڪثيرٌ" جو تفضيل] وڌيڪ – زياده – گهڻو. (ظرف) گهڻو ڪري – عموماً.

– **أكثر اوقات:** ظرف. گهڻو ڪري – خاص ڪري – بارها.

– **أكثر ڪري:** ظرف. گهڻو ڪري – بارها.

– **أكثَري:** ظرف. أڪثر – عموماً – گهڻو ڪري.

– **أكثَريَتُ:** ث. [ع] گهڻائي – جهجهائي – زيادتي. قانوني مجلس و هڪ پارٽيءِ جي ميمبرن جي گهڻائي.

• **أكحَلُ:** ذ. صفت. [ع. كُحْلٌ = سُرمو] سُرميل – ڪاراڪيو.

• **إكدادَ ج إكدادَ (ت):** ذ. [ع. إعتقادَ] پرزو – آسرو.

• **أكذَبُ:** ذ. صفت. [ع. "كاذبٌ" جو تفضيل] وڌيڪ ڪوڙو – سڀ کان ڪوڙو.

• **أكرُ ج أكر:** صفت. [سن. آكري] وڏي قيمت يا گهڻي مُلهه وارو – أڪرو – مهانگو – گران. ڏڪر – قحط – ڪال. محال – ڏکيو.

– **أكرُ ڏڪڻ:** تمام مهانگي شيءِ وڻڻ.

– **أكرُ لگڻ:** قحط پوڻ – ڏڪار پوڻ.

• **اکرائ ج اکرائون (ک):** ث. [سن. اُکرتا] کاوڑ – غصو – خار.
• **اکراڑو:** اِسر. خاص. تعلقي مڻيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِکراس ج اِکراسُون:** ث. مرضي – رضامندي.
• **اکراصل (ث):** مصدر. ٽڪرجي ڏکي کي کوسي پاڻيءِ سان ڏوئڻ.
• **اِکرامُ ج اِکرامَ:** ذ. [ع] عزت – آبرو – توقير – تعظيم. بخشش – مهرباني.
• **اکراڻي:** اِسر خاص. رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِکراه:** ذ. [ع] زور – زبردستي. نفرت. ناخوشي.
• **اکرتڙڪ:** فعل. [سن. اَ = نہ + کَرْتَر = ڪم ڪندڙ] گرامر ۾ هڪ پريوگ جو نالو – فاعل کان سواءِ فعل – فعل بي فاعل "هي ڪم ڪرڻ ڪهڙجي" جو فعل "ڪرڻ ڪهڙجي".
• **اکرڙو ج اکرڙا (ل):** ذ. [سن. ۱. اَوکَر نحقّره = چيڀن جو نانو؛ ۲. اُنْکَرَسُ = ڪَنڊ. ڊير. ڊِگھ] ڪند اُچلائڻ جي جاءِ – اُروڙي – دڙو – ڊِگ. (ث) اکرڙي ج اکرڙيون.
• **اکرس ج اکرسُون:** ث. گهٽي گرمي – گهُٽ – ٻَٽ – اُتَت. گرميءِ جو اُباڙ. آزنگ – زُگھ – اُبڪ – اُبَس – ڪاوڙهو – اوگهر.
• **اکرمُ:** صفت. [ع. "ڪريم" جو تفضيل] وڏيڪ ڪرم وارو – ڏاڍو ڪريم. ٻاجهارو. وڏو سخي – فياض – ديالو. (اسم خاص) مرد جو نالو.
• **اکرنجهه:** ث. [سن. آکاڪَشُ = سڪڻ. ڪَڏ ڪرڻ] محبت – سڪ – تانگھ – اڪانجهر.
• **اکرندو ج اکرندا (ث):** ز. ننگ ڍڪڻ لاءِ چمر جو ڪُٽو.
• **اکرڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَرْشَنْ = مٿي چڪي ڪڍڻ] پار وڃڻ – ٻيءِ ير لنگهي وڃڻ – پار پوڻ "اکري آرا ڪنڊيءِ پڃڻ ڏاکڙي" (شاه ڪريم). [سن. اُتْکِري] ڪاٺ يا پٿر تي چٽ ڪندڙ – چٽ ڪڍڻ. ٻيڙين جو هڪ ٻئي پرسان لنگهڻ. (اکريو – اکرندو – اکريل).
– **اکرج اکرُون:** ث. [سن. اُتْکري = اکيرڻ. چٽ ڪڍڻ] ڪاٺ يا ڪنهن ڌاتُوءِ تي چتسالي، جو ڪم – قلم ڪاري.
– **اکرائڻ:** مصدر "اکرڻ" مان متعدي بالواسطه. نقل ڪرائڻ – اُتارائڻ.
– **اکرٽي ج اکرٽيُون:** ث. [سن. اُتکارَ] اکر جو ڪم – چتسالي. ڪوتائي.
– **اکري وڃڻ:** لنگهي وڃڻ – پار ڪرڻ (درياه وغيره)
• **اکرو:** اِسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **اکري:** اِسر خاص. تعلقي جاتيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اِکري بکري (ک):** ذ. ٻارن جي راند ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ بي معنيٰ لفظ.
• **اکڙ:** صفت. [اَ = نہ + کڙڻ = ڇڏڻ] اَڻ ڇڏل.
• **اِکڙ ج اِکڙ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم جو خريف جي فصل ۾ اُپجي.
• **اکڙنکو:** ذ. راند جو هڪ قسم.
• **اِکڙ بِکڙ (ک):** ذ. ايکڙ بيکڙ.
• **اُکڙڻ:** مصدر. مال جو ڪنڊ ورائي وڃ ڇڙڻ.
• **اکڙڻ:** مصدر. [سن. اَت + ڪُرْتُ] گهٽو گرم ٿيڻ – تهڪڻ. (اکڙيو – اکڙندو – اکڙيل).
• **اکڙو:** اِسر خاص. تعلقي بدين ۾ ه ـ ديهه جو نالو.
• **اکڙي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم ـ ـ ـ .رائن ۾ ڪم اچي). (اِسر خاص). تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو. فيض گنج ۽ عمر ڪوٽ تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.
• **اکڙيٽ ج اکڙيٽ:** صفت. اَکڙ وارو – مغرور – ٽيگر باز.
– **اکس ج اکُس (ک):** ذ. [ع. عَکْسٌ] دُشمني – ضد – ويڑ. سازَ – تيسو "ڏونگر ڏ ڪوين سين. ڪو اڳي هوءِ اَکَسُ" (شاه).
– **اکس کاٽو ج اکس کاٽا:** ذ. صفت. اندر جو ڪوٽو اندر رَڏو – دَغا باز – ڪنڊو.
– **اکسي ج اکسي:** صفت. دُشمن – دغا باز – ويري.
• **اکسَ ج اکسُون:** ث. [سن. اَتْ + کُرَتْ = تهڪڻ] گرمي – گهُٽ. پاڻيءِ جي پاڻ.
• **اکسائڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + کَسْ = چورڻ. ڇُرڻ] پڙڪائڻ. چاه پيدا ڪرڻ. (اکسايو – اکسائيندو – اکسائيل).
• **اکسير ج اکسير:** ذ. [ع. اِکْسِيْر] نامي ڪي سون بنائيندڙ دَوا – ڪيمَيا – پارس. هڪتڪ دوا. تِرياق. آب حيات. (صفت) نهايت مُفيد.
– **اکسير اَحمَر:** ذ. ڪيمبائي ڳاڙهي دوا.
– **اکسير رنگ، مردمي:** ذ. شَراب.
– **اکسير گر:** ذ.صفت. ڪيمياگر.
• **اِکْفاء:** ذ. [ع] شعر ۾ قافيي جو هڪ عيب. جنهن ۾ حرف روي يا قيد مختلف هجي. بشرطيڪ مخرج ساڳيو هجيس "صباح ۽ سپاه يا بحر ۽ شهر".
• **اَکْفَر:** ذ. [ع] ڪٽر ڪافر – بلڪل منڪر. سخت يا وڏيڪ اَحسان فراموش.
• **اَکْل:** ذ. [ع] غذا – روزي – ڪاڌو.
• **اَکْل حَلال:** ذ. حلال جي روزي يا ڪاڌو.
• **اَکَلُ ج اَکَلَ:** صفت. [سَن] اَڻ جاتل – لاهد. اَڻ ورهايل – بسيط – سجو.

• **اُکلَنُ:** مصدر. [سن. اُتْکَلْ < اُدْ = مٹي + کل = چوڑڻ. ڊرو ڪرڻ] نيڪال ٽيڻ – پورو ٽيڻ – فيصل ٽيڻ. وات مان ڳالهه نڪرڻ "ڳالهائڻ، نڪو اُکليو". ٽيڻ (ڪم). اُجهڻ – پُجهڻ. جلدي ٽيڻ. تعميل ٽيڻ – پوئواري ٽيڻ. (اُکليو – اُکلندو – اُکليل).

– **اُکلَ ج اُکلَون:** ث. اُکلڻ واري حالت – سيگهه – جلدي.

– **اُکلاءِ ج اُکلاءَ:** ذ. ڪم جو پورائو – نيڪال – تڪميل.

– **اُکلاءِ ڪرڻ:** جلد پورو ڪرڻ – جهت ختم ڪرڻ. ڇيڙو ڇڏائڻ – فيصلو ڪرائڻ.

• **اُکلائڻ:** مصدر. تڪڙو ڪرڻ (ڪم)، پورو ڪرڻ – ختم ڪرڻ (ڪم). (اُکلايو – اُکلائيندو – اُکلايل).

• **اِکْلاس (ت):** ذ. [ع. اِخلاص] سچائي.

• **اِکْلِيلَ ج اِکليل:** ذ. [ع] تاج – پَٽ. اڪ جي ڪاراڻ ۾ سفيديءَ جي حد – اڪ جي ڪاراڻ جو حلقو.

– **اِکليل الجبل:** ث. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (Rosemary).

– **اِکليل الملک:** ث. بادشاه جو تاج. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (Nelidot).

• **اِکْمال:** ذ. [ع] ڪم جو پورائو. تڪميل.

• **اُکْمَل:** ذ. [ع. "ڪامل" جو تفضيل] وڌيڪ ڪامل – سڀ کان ڪامل – سڀورڻ.

• **اُکْمو ج اُکْما (ل):** صفت. [سن. اَ = نہ + کَرْمن = ڪم] بيڪار – نڪاره – نڪمو.

• **اُکْناف:** ث. [ع. کَنْفُ ج اَکْناف] حدون – سنڌا – سرحدون "اطراف و اَکناف = پسگرداڻي، گرد و نواح".

• **اُکَنْ پرچڻ (ڪ):** ٻُڌيون پرچڻ – بالغ ٽيڻ – ڏُکا ڪڍڻ.

• **اُکَنْڪ:** صفت. لازوال – غيرفاني – اَبناسي.

• **اُکَنْ چَکَنْ:** صفت. عاشق – مستان – مفتون – فدا – شيدا – قربان – صدقو – ٻلهاري.

– **اُکَنْ چَکَنْ ٽيڻ:** فدا ٽيڻ – محبت ۾ مست ٽيڻ.

• **اُکَنْڊ، اُکَنْدَ ج اُکَنْڊون، اُکَندون:** ث. [سن. اُتْکَنْدا < اَتْ = مٹي + کَنْدَ = ڪنڊ] پيار – محبت – پريت – نيهن. سڪ – اُکير – حُب ڪشش – چڪ – تانگهه. (۱) "اڪين ۾ اُکنڊ. مُنَيءَ کي ميهار جي". (۲) "پيلو پيري پچ. اُکنڊ ڪن اُپار ۾" (شاه).

• **اُکَنڊ پرچڻ:** گهڻي اُکير سبب رياکل ٽيڻ. سڪ کان دل پرچڻ. تمام گهڻي سڪ لڳڻ.

– **اُکنڊائڻ:** مصدر. سڪ رکڻ – چڪجڻ – اُکيرجڻ – اُکنڊائڻ.

– **اُکنڊجڻ:** مصدر. سڪڻ – واجهائڻ – اُکنڊجڻ.

– **اُکَنڊِي ج اُکَنڊِيُون:** ث. صفت. سڪايل – اوسيڙيل – منتظر – واجهائيندڙ.

– **اُکنڊيو ج اُکنڊيا:** ذ.صفت. سڪايل – سڪندڙ – آسرونڊ "توکي ساريو ساه، اُکنڊيو آهون ڪريِ" (شاه).

• **اُکَڻ:** مصدر. [سن. اَ = نہ + کَن = راضي ٽيڻ] آزارڻ – بيزار ڪرڻ – خفي ڪرڻ. (اُکيو – اُکائيندو – اُکايل).

• **اِکرِ ج اِکا:** صفت. [سن. ايڪ =هڪ] يڪو – هڪڙو – هڪ عدد.

• **اُکرِ ج اُکا:** ذ.صفت. [سن. اُڪهه = اُکو. سڄو] سڀ – ڪُل – سڄو – سرسَتو. علي الحساب – ٻڌو – سمورو. سيڪجهه – هڙمڙي. دوم شوم.

– **اُکرِ ٿُکرِ ج اُکا ٿُکا:** ذ. (واپاري اصطلاح) ٻڌو – سرسَتو – ڪُل.

– **اُکرِ ڏُکرِ:** ذ. اَٽڪل روءِ ۽ اندازو – ڪَتّ – تَک.

– **اُکرِ مُکرِ:** ظرف. ٻڌو – سرسَتو.

– **اُکرِ هُکرِ:** ظرف. اٽڪل روءِ ۽ اندازو.

– **اُکرِئي:** ظرف. مڙيئي – سمورو – سڀ.

– **اُکرِئي وَڃڻ:** ٻنهه وڃڻ – ماڳهين وڃڻ.

– **اُکرتو ج اُکرتا:** ذ. صفت. ڪچيءَ دل وارو.

• **اُکرتو:** اِسر خاص. تعلقي ڍڳهڙيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **اُکرو:** اِسر خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **اُکُرو ج اُکُورا (ڪ):** صفت. گهٽو – جهجهو – ٺٺو – جام.

• **اُکُوڙ ج اُکُوڙ (ل):** صفت. [اَ = نہ + کوڙيل] اَڻ ڪتريل (جوپايو مال).

• **اِکرلاهِي ج اِکرلاهِيُون (ث):** ث. اڪيلائي – ايڪولائي. ڇلا وغيره ناهڻ لاءِ سونارن جو هڪ اوزار.

• **اُکُونُج ج اُکُونُجَ:** ذ. صفت. [سن. اگوجر] بي انتها ۔ تار (پاڻي) – اَکونجهه – اوڙاهه.

– **اُکُونُجَرُ ج اُکونُجَر (لس):** ذ. صفت. عميق يا اونهو (پاڻي) – اوڙاهه – اَکونج.

– **اُکُونجهہُ ج اُکونجهہَ:** ذ. صفت. اُکونُج.

• **اِکرهِي، اِکرِئي:** ث. [ف] پنگ جهڙو نشيدار هڪ پسارکو وکر – جابلو پنگ.

• **اِکرِئي:** ث. چمڙيءَ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (پيرجي آڱرين جي وچ ۾ ڳهر. خارش ۽ پکريون).

• **اَڪهڙ ج اَڪهڙ:** صفت. [سن. اَڪٽيه: اَ = نہ + ڪٽ = ڪٽائڻ] اَندازي کان ٻاهر - بيان کان ٻاهر - چوڻ کان ٻاهر.

• **اَڪهڙو(ت):** ذ. (ٻار کي) ليسڻ يا رُکام.

• **اَڪي ج اَڪيون:** ث. ڏک - مُشڪلات. نپاڳ - ندوراڻي - بدبختي - شامت. ڏنڊ. (ظرف) سموري - سريستي.

• **اِڪي:** صفت. [سن. ايڪ = هڪ] اُهو عدد جو بن سان نہ وَنڊي سگهجي - "ٻِڏيءَ" جو ضد.

- **اِڪي اَنگ:** ذ. اُهو عدد جنهن کي بن سان پورو نہ وَنڊي سگهجي.

- **اِڪي ٻِڏي:** ث. ٻاراڻيءَ راند جو هڪ قسم.

• **اَڪيارُ ج اَڪيارَ:** صفت. بيسود - بيڪار.

• **اَڪيارڻ ج اَڪيارڻ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ڪ + اَرْث] بيسُود - اَجايو - بيڪار - اَڪيار - بي فائدو - اڪيار ٿو.

- **اَڪيارٿو ج اَڪيارٿا:** صفت. بي فائدو - اَجايو - بيسود.

• **اَڪيهارُ ج اَڪيهارَ:** صفت. [سن. اَڪوپار] بي اَنت - بيشمار - بي انداز. جام - جَجهو - مَٽ.

• **اَڪيرُ:** مصدر. [سن. اُتْڪري] ڪاڻيءَ يا ڏاڙهءَ تي ڪندي جتَ ڪيڻ - چنسالي ڪرڻ - نقش ڪيڻ. (اَڪيرو - اَڪيرينو - اَڪيريل).

• **اَڪيرڻ:** مصدر. [سن. اُتْڪَلِڪا] ياد ڪرڻ - سنيالڻ - ڇڪ ڪرڻ - سڪ - حَب رکڻ - تمنا رکڻ - اُڪنڌ - پياس رکڻ - انتظار ڪرڻ - واجهائڻ. (اَڪيرو - اَڪيرينو - اَڪيريل).

- **اَڪيرَ ج اَڪيرُون:** ث. [سن. اُتْڪَلْڪا: پرا. اَڪَليا] دل جي ڇڪ - سڪ - حَبّ ـ چاه ـ پيار - قُرب - اُڪنڌ. شوق - سَڌ.

• **اَڪيڪ ج اَڪيڪ (ت):** ذ. اُڪرس - گهٽ.

• **اَڪيل ج اَڪيلُون:** ث. اَڪلاءُ جلدائي - ٽڪڙ - جلدي - تيزي "ميرو متائج تون. اجي ڪج اَڪيلَ" (شاه).

- **اَڪيل ڪرڻ:** اَڪلاءُ ڪرڻ - جلدي ڪرڻ.

• **اَڪيلاريو ج اَڪيلاريا (ڪ):** ذ. ڪانجي ڪيڻ لاءِ وڏي جو هڪ اوزار.

• **اِڪيلڏو ج اِڪيلڏا:** صفت. "سڪيلڏي" جو ضد. جيڪو تلاش کان سواءِ هٿ آيو هجي - جيڪو گهٽو پياروَ نہ هجي. ڇڙو - هيڪلو - اَڪيلو.

• **اَڪيلو ج اَڪيلا:** ذ. صفت. [سن. ايڪ = هڪ + ه. لاءُ هڪڙو - واحد. علحدو - جدا - الڳ. ڇڙو. نويڪلو. هيڪلو. ٽنها. (ث) اَڪيلِي ج اَڪيليُون.

• **اَڪيلائي ج اَڪيلائيون:** ث. هيڪلاڻي - تنهائي - ڇڙائي - نويڪلائي - خلاصگائي.

• **اَڪيلي ڏڻ هيڻان لنگهڻ:** طبيعت خشڪ ٿيڻ - ڪاوڙجي اچڻ. پوت وغيره جي اثر هيٺ آچڻ.

• **اَڪ ج اَڪيُون:** ث. [سن. اَڪْش] نيٽ ـ چشمو - عين. نظر - ڏيان - سنڀال - نظرداري. هٿ يا پير ۾ گاٽ سبب سخت ٽيل هنڌ. رَڄ جو چرڪندو گهُر يا هڪ ڪاتو. وَڌ جو گوشو. وڌ ۾ تاري، نڪرڻ وارو هنڌ.

- **اَڪ آلي ٽيڻ:** اکين ۾ پاڻي تري آچڻ - روئڻ "سدا اَک عشق جي آلي، ڏاڍي ڪا پرت پاتيسين" (نصير).

- **اَڪ اَڏڻ:** اَک ڏُکڻ - اَک ۾ درد ٽيڻ اک تي اوبر ٽيڻ.

- **اَڪ اَٽڪائڻ:** نينهن لڳائڻ - عاشق ٽيڻ. ٽڪڻ - ڏسڻ.

- **اَڪ اَڙائڻ:** نيهن لڳائڻ - اَک اَٽڪائڻ.

- **اَڪ اَڙڻ:** محبت ٽيڻ - عشق لڳڻ. نيهن لڳڻ.

- **اَڪاڻي ڇڏڻ (ڪ):** ڏيان تي آڻي ڇڏڻ. نظر ۾ ڏيکاري ڇڏڻ.

- **اَڪ بداڻو ج اَڪ بداڻا:** ذ. اَک ڦريل. ٽيڏو - ڪاڻو. اکين سنهو.

- **اَڪ بَتلائڻ (ت):** ڪاوڙ ڪرڻ - شوخي ڪرڻ.

- **اَڪ بُري ڪرڻ:** نيٽ بند ڪرڻ - بد نيَتيءَ سان نهارڻ. بُري جو منگهو ٽيڻ.

- **اَڪ بہ ڪانہ پُورن:** نند نہ ڪرڻ - اوجاڳو ڪرڻ. ساري رات جاڳڻ.

- **اَڪ بند ڪرڻ:** سُمهي رهڻ - بيخبر ٽيڻ - غافل رهڻ. اَنجام نہ پاڻ. بي مروّت ٽيڻ - بي وفا ٽيڻ. ڏَڏ ڪرڻ - مَري وڃڻ.

- **اَڪ بَڌڻ:** جسم بندي ڪرڻ. جادو ڪرڻ.

- **اَڪ بَڌڻ (ت):** نگهي ڪرڻ.

- **اَڪ پُوڻ:** ث. ٻاراڻيءَ راند جو هڪ قسم - لِڪ لِڪوٽي. چشم پوشي. بي خبري. اونگهَ.

- **اَڪ پوڻ ج اَڪ پوڻ:** ذ. صفت. بي ساڃاه ـ بي حيا - اکين پور - بي شرم. اَک پوٽيل - ڪاڻو بي حيا. بي شناس. چشم پوشي.

- **اَڪ پوڻ پوڻ:** بي خبر ٽيڻ - نشي ۾ هُجڻ.

- **اَڪ پوڻ ڪرڻ:** ڏنو اَڻ ڏٺو ڪرڻ - ڏيان نہ ڏيڻ. چشم پوشي ڪرڻ. بي شناس ٽيڻ.

- **اَڪ پوڻ:** آرام ڪرڻ - سُمهڻ. مَري وڃڻ. حَيا نہ ڪرڻ - بي شناس ٽيڻ.

- **اَڪ پَيڻ:** ميڙ ڏيڻ - اک سان اِشارو ڪرڻ. مخفي اِشارو ڪرڻ. عاشق جو اِشاري ۾ پيغام ڏيڻ.

- **اَڪ پَڄڻ:** اک آلي ٽيڻ - ڏک ٽيڻ.

- **اَڪ پَرجڻ:** اک ۾ لڙڪ تري آچڻ - ڏک ٽيڻ. دل کي آٽڻ.

• **اکر تيرکائڻ:** نظر کان بچائڻ - لڪائڻ. گم ڪرڻ.

– **اَک تِرکڻ:** ٹورو نظر اڇي وري گھر تي وڃڻ.
– **اَک تِرکي وڃڻ:** نظر کان نڪري وڃڻ – پوري طرح نہ ڏسي سگھڻ.
– **اَک تَڙ:** اک مر ڪٽر ٻوڙ ڪري ٻاٽي پرچي اڇڻ. ڏک ٿيڻ.
– **اَک تي ٻٽي ٻڌڻ:** پک ڪرڻ. بي اونو ٽي ويهڻ.
– **اَک تي پردو پوڻ:** ڏسي نہ سگھڻ.
– **اَک ٽيڪ:** ٿ. جوکسي – نظرداري – سنڀال.
– **اَک ٽيڪ ڪرڻ:** آنڪل سان ڏسڻ – اُن لَکي طرح نگاھ ڪرڻ. تاڙي ويهڻ.
– **اَک ٽاڪ:** نظر وجهڻ – تڪڻ. خواهش ڪرڻ.
– **اَک ٽِڪاءُ:** هوشيار ڪرڻ – خبردار ڪرائڻ.
– **اَک ٽِڪڻ:** جاڳڻ – سُجاڳ ٿيڻ – بيدار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ – هوشيار ٿيڻ. ڏيان ڏيڻ – خيال رکڻ. ٻوءِ سوچڻ. دوراندیشي ڪرڻ. وقت کي سڃاڻڻ.
• **اَک ٽِپر ڪرڻ:** ٿوري ساعت لاءِ ننڊ ڪرڻ.
– **اَک ٽُوڙڻ:** ننڊ ڪرڻ. مري وڃڻ. بي حيا ٿيڻ.
– **اَک ٽوپ:** نظر ٻوڙ. عشقيہ نگاھ ٻوڙ. لالچ سان ڏسڻ. ٻُري نگاھ ٻوڙ. ڪوڙين راند جي داءُ مر هڪ ڪوڏي اونڌي ٻوڙ.
– **اَک جو ٻاٽي نہ سَکڻ:** هميشہ رُوئندو رهڻ.
– **اَک جو ٻچو ٿيڻ:** بي مُروّت ٿيڻ – بي حيا ٿيڻ.
– **اَک جو ڪٽڻ:** محاورو. رقيب. دشمن.
– **اَک جو ڪَرڙو ٿيڻ:** رعب وارو ٿيڻ. سخت مزاج ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.
– **اَک جي هرڪڻ:** وڏائي ڪڍڻ لاءِ هدايت ڪرڻ – بي حيائي ڇڏائڻ.
– **اَک جو ميرو ٿيڻ:** اک جو آڻڻ. بدنظر ٿيڻ.
– **اَک جي هڪ مارڻ:** اُکر ۽ اُکر لکڻ.
– **اَک جهڪي ٿيڻ، هُجڻ:** نجي ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ. ڏوهاري ٿيڻ.
– **اَک جوراڻڻ:** آنڪل سان لکي وڃڻ.
– **اَک جهري ڪرڻ:** ناز ڏيکارڻ. هار سينگار ڪرڻ.
– **اَک چنيڻ:** ٿ. اکين کي يڪدم بند ڪرڻ ۽ کولڻ واري حالت – طرفة العين. (ظرف) جهٽ پٽ – جلدي. اک چنيڻ جيترو وقت – ڪٽ.
– **اَک چنڀڻ:** اک جي جهڙن کي ٻاڻ مر ملائڻ. اشارو ڏيڻ – ميڙ ڏيڻ – اک ٻوڙڻ.
– **اَک ڏيکارڻ:** ڪاوڙ جي نگاھ سان ڏسڻ – گھوري نهارڻ. نهمائش ڪرڻ – نهميز ڏيڻ. ڏڪو ڏيڻ – ڏٻائڻ – ڊيڄارڻ – هيسائڻ – ڏمڪائڻ.
– **اَک ڊيگهہ:** ٿ. ٿورو فاصلو – ڪجهہ پنڌ.
– **اَک ڊيگهہ ڪرڻ:** خيال کان سواءِ جاڻڻ. آنڪل سان جاچ ڪرڻ.
– **اَک ڊيگهہ مر:** ظرف. حد نظر تائين – نظر ٻوڙ جي حد تائين.
– **اَک رکڻ:** نظر مر ڪرڻ. جوکسي ڪرڻ.
– **اَک سان اَک آڙائڻ:** عشق لڳائڻ – محبت ڪرڻ.
– **اَک سان اَک اُڙڻ:** محبت ٿيڻ – عشق لڳڻ.
– **اَک سان اَک ملائڻ:** نظر ڙائڻ – اک آڙائڻ. محبت ڪرڻ.
– **اَک سان چوڙو ٻڌڻ:** ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيڻ.
– **اَک سين:** نہ نهارڻ – بلڪل نہ ڏسڻ – توجهہ نہ ڏيڻ. ڏيان نہ ڏيڻ.
– **اَک سُڀارڻ:** نهارڻ – ڏسڻ – نظر ڪرڻ – ڏيان ڏيڻ – توجهہ ڏيڻ.
– **اَک سُڻ:** اَک پوسرڻ – اک مر سور ٿيڻ. نہ سهڻ. ڏک ٿيڻ. غيرت اچڻ.
– **اَک ڦِرائڻ:** ڪاوڙ مر گھوري نهارڻ. چوڌاري جاچ جوڳ ڪرڻ.
– **اَک ڦَرڪڻ:** اک جي ڇلڪن جو حرڪت مر اچڻ. سوڙ يا بد سوڙ سمجهڻ.
– **اَک ڦيرائڻ:** نظر ڪرڻ – سرسري نظر ڪرڻ – مڃاڻي نگاھ ڪرڻ. چوڌاري نهارڻ.
– **اَک ڦيرڻ:** سرسري نظر ڪرڻ. مُنهن موڙڻ. انڪار ڪرڻ – بي خيالو ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.
– **اَک ڦُرڪڻ:** اک ڦَرڪڻ.
– **اَک کان:** ٿ. لَڄ – شرم – حيا.
• **اکر کاڻي ڪرڻ:** ڪنهن اخلاقي ڏوهہ ڪرڻ سبب (خاص ڪهن ڳوٺ، قوم جو) ميار ٿيڻ.
• **اکر ڪڍائڻ:** ملاقات ڪرڻ.
– **اَک ڪڍ:** ڪاٽو ڪرڻ. نقصان وجهڻ. سڄ جي ڪڍي ڪڍڻ.
– **اَک ڪرائڻ:** اکين جو آپريشن ڪري مونيو ٻاڻي ڪيائڻ.
– **اَک ڪُرڙي ڪَرڻ:** تند يا پوائتي اک ڏيکارڻ – ڪاوڙ مان نهارڻ.
– **اَک ڪَرڻ:** اَک جو مونيو ٻاڻي ڪڍڻ.
– **اَک ڪڙائڻ:** اَک تي جهاڙ يا ڦيٽو وجهائڻ.
– **اَک ڪڙڻ:** اک تي جهاڙ يا ڦيٽو وجهڻ. ڦيٽي وغيره سان اک جو علاج ڪرڻ.
– **اَک ڪڪڙي ڪَرڻ:** نشو ڪرڻ.
– **اَک کان باهر هُجڻ:** نظر کان پري هجڻ.
– **اَک کُلڻ:** رنڍ مان راحت نصيب ٿيڻ. دوست جو ديدار ٿيڻ – خوشي حاصل ٿيڻ.
– **اَک کلڻ:** جاڳڻ – سُجاڳ ٿيڻ – بيدار ٿيڻ – خبردار ٿيڻ. سمجهہ حاصل ٿيڻ – عقل اچڻ.
– **اَک کُڻ:** مٽي نهارڻ.
• **اکر کٽي ڏسڻ:** ڏيان سان ڏسڻ. دشمني واري خيال سان ڏسڻ. ڏيان

ڏين. سامهون ڏسڻ. نظر ڪرڻ. ڏسڻ – نهارڻ.

– **اُک کَڏي نہ ڏسڻ:** نظر ملائي نہ ڏسڻ. بي پرواهي ڪرڻ. شرم ڪرڻ – حيا رکڻ. پشيمان ٿيڻ.

– **اُک کڏي نہ سگهڻ:** همت نہ ڪرڻ.

– **اُک کوڙڻ:** چتائي نهارڻ.

– **اُک کولڻ:** جاڳڻ. خبردار ٿيڻ – ٻئي کي خبردار ڪرڻ. وڏو ٿيڻ.

– **اُک کي پٽي هڏڻ:** نراس ٿيڻ – نااميد ٿيڻ.

– **اُک لاڙڻ:** عاشق ٿيڻ – محبت ڪرڻ.

– **اُک لائي ٻهيڻ:** ٽڪ. سما، لهڻ. نظر ۾ رکڻ.

– **اُک لَڄا:** ن. اکين جو شرم – اک جي لَڄ.

– **اُک لجي ٿيڻ:** پشيمان ٿيڻ. حيا ٿيڻ.

– **اُک لڙائڻ:** اک ملائڻ – ٽڪ – گهورڻ. نظربازي ڪرڻ – محبت ڪرڻ. عاشق ٿيڻ.

– **اُک لڳڻ:** عشق لڳڻ – دل لڳڻ.

– **اُک لڳائڻ:** لَنوَ لاڙڻ – پريت پائڻ.

– **اُک لڳڻ:** ڪجي نند اُجڙ – پنڪي اجڻ. نند جي شروعات ٿيڻ. محبت ٿيڻ – پريت ٿيڻ – عشق لڳڻ.

– **اُک مارجي وڃڻ:** هڪ اک جي نظر گهٽ ٿيڻ.

– **اُک مان ڪيڻ:** نظر مان ڪيڻ – سرسري نظر ڪرڻ. جاچڻ.

– **اُک ۾ ٿيڻ:** ڪنهن جي نظر ۾ هڻڻ – دُشمن يا حاسد جي بَري نظر ۾ هجڻ. جلد ڪيائڻ جي سَڌ هجڻ.

– **اُک ۾ رکڻ:** نظر ۾ رکڻ – خيال ۾ رکڻ. ناڙ رکڻ. ٻنهنجي سنيال ۾ رکڻ – چوڪسي ڪرڻ.

– **اُک ۾ رَهڻ:** نظر يا سنيال هيٺ رکڻ.

– **اُک ۾ سُرمو وجهڻ:** پنيلائڻ. ٺڳي ڪرڻ.

– **اُک ۾ ڪَٽَر پوڻ:** ڪنهن کان بدگمان ٿيڻ.

– **اُک ۾ ڪُکرو پوڻ:** بدگماني ٿيڻ.

– **اُک ۾ ڪڪ پوڻ:** اک ڇڻڻ. بدگمان ٿيڻ.

– **اُک ۾ مرپوڻ (ڪ):** مَس مَس اک لڳڻ – نند اُجڻ.

– **اُک ۾ وَرُوجهڻ:** اک ڪَرڙي ڪرڻ – تنبيهَ ڪرڻ.

– **اُک ۾ هُڻڻ:** نظر ۾ هڻڻ. ويرڻ لاءِ تيار رهڻ. ٽڪڻ.

– **اُک موڙڻ:** اِشارو ڏيڻ. مُنهن مَنّڻ.

– **اُک ميري ٿيڻ:** اک ڇڙي يا خراب ٿيڻ – نظر بد ٿيڻ.

– **اُک ميري ڪرڻ:** بد نيتيءَ سان نهارڻ – بدنظر ڪرڻ.

– **اُک نہ اُڏڻ:** اک جو خراب نہ ٿيڻ. خوش رهڻ – ڪجهه نہ بيماري يا تڪليف نہ ڏسڻ.

– **اُک نہ پٽجڻ:** اک نہ ڪلڻ – غافل رهڻ. گناهن کان باز نہ اچڻ. نفعو نقصان نہ جاچڻ – پڇاڙي نہ سوچڻ – عاقبت کان بيخبر رهڻ.

– **اُک نہ پڏڻ:** ڌيان ۾ نہ آڻڻ – پرواهه نہ ڪرڻ. ڪا شي، نہ سمجهڻ – گهٽ سمجهڻ.

– **اُک نہ ڏسي مُڇ کي:** نشي جي حالت ۾ هوش خطا ٿيڻ. اونداهه سبب ڪجهه به نہ ڏسي سگهڻ.

– **اُک ٽڪ ٿپ نہ هڻڻ:** بي غيرت هجڻ – عزت جو ڪو به خيال نہ هڻڻ.

– **اُک وجهڻ:** گهور ڪري ڏسڻ – چتائي ڏسڻ. ٽڪڻ. لالچ رکڻ.

– **اُک وڃائڻ:** نيهن لاڙڻ – لَنوَ لاڙڻ – پريت پائڻ – عشق ڪرڻ.

– **اُک هڻڻ:** محبت جو اِشارو ڪرڻ – ميچ ڏيڻ.

– **اُک ڇڻڻ:** راند ۾ اک تي اڱريءَ رکي هڻڻ. قلم هڻڻ – پيوند ڪرڻ – ڳنڍ هڻڻ.

– **اُک هُڻڻ:** نظر هڻڻ. خواهش هڻڻ.

– **اُک هيٺ ڪرڻ:** ڇجي ٿيڻ – ڇڪو ٿيڻ – شرمائڻ.

– **اُکيان پوڻ:** نفرت جهڙو ٿيڻ – نہ رڪڻ – حقير ٿيڻ. حسد ڪرڻ. دُشمني ٿيڻ.

– **اُکين اُجو:** ذ. صفت. اُجين اکين وارو – انڌو. هٺکوس. بي حيا – بي شرم.

– **اُکين اُڪيان:** ظرف. مُنهن سامهون – روبرو – ڏوڏو.

– **اُکين اُڪيان انڌيون اُجهڻ:** اکين اڳيان اونده اُجهڻ. واڙو ٿيڻ – عجب ۾ پوڻ. بيهوش ٿيڻ.

– **اُکين اُڪيان اونده اُجهڻ:** ڏاڍو پريشان ٿيڻ.

– **اُکين اُڪيان ٿي گذرڻ:** روبرو واقعو ٿيڻ.

– **اُکين اُڪيان ڦرڻ:** غائب شيءِ جو خيال اُجهڻ – تَصوّر ۾ اُجهڻ. يادگيري پوڻ. سَجهڻ – هُرڻ.

– **اُکين اڱيان گهُمڻ:** اکين اڳيان ڦرڻ.

– **اُکين پوتُ:** ذ.صفت. بي حيا – بي شرم. نرلَج.

– **اُکين تي آستين ڏيڻ:** پشيمانيءَ تي روڻ. گوڙها اڳهڻ. دلاسو ڏيڻ – همدردي ڪرڻ. اَدب ڪرڻ – تعظيم ڪرڻ.

– **اُکين تي پردا ڇڙهڻ:** انڌو ٿيڻ. ساڃهه وڃائڻ – ڪجهه نہ سمجهڻ.

– **اُکين تي پردو پوڻ:** ڪجهه به نہ ڏسڻ ۽ سمجهڻ. غافل ٿيڻ. ڏوڪو کائڻ – فريب ۾ اچڻ. بيوقوف بنجڻ.

– **اُکين تي پردو وڌهڻ:** انڌو ٿيڻ. نہ ڏسي سگهڻ.

– **اُکين تي چپر چڙهڻ:** بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ.

– **اَکین تي رات کاڻ:** سڄي رات جاڳڻ. اِنتظار ڪرڻ.
– **اَکین تي رکڻ:** خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.
– **اَکین تي زور چڑهڻ:** غُصي يا جوش ۾ اَندو ٿي ٻوڙ – ڪاوڙ ۾ دوست دشمن سُجاڻڻ جي ساڃهه کان نڪري وڃڻ.
– **اَکین تي ڪپڑا چڑهڻ:** ڪا ڳالهه پوريءَ طرح نه سمجهڻ يا ڏسڻ. بي حَيا ٿيڻ – بي غيرت ٿيڻ.
– **اَکین تي گذارڻ:** ساري رات جاڳڻ – اِنتظار ڪرڻ.
– **اَکین تي ويهارڻ:** حد کان زياده قدر ڪرڻ – نهايت تعظيم ۽ عزت ڪرڻ – خاطر مدارات ڪرڻ.
– **اَکین تي هلڪو هُجڻ:** بار نه ٿيڻ. تڪليف نه هُجڻ.
– **اَکین پُوريو ڇ اَکین پُوريا:** ذ. صفت بي ساڃاهو – اَڪ ٻوٽ – بي ديدو – بي حيا – بي شرم. بي شُڪر – اَحسان فراموش.
– **اَکین جا اِشارا ڏيڻ:** ڳجهه ۾ ٻالهائڻ. ميڙون ڏيڻ. محبت جو پيغام ڏيڻ.
– **اَکین جو آسا بند هُجڻ:** اکين جو آسرو هڻڻ. نهايت پياروهجڻ.
– **اَکین جو نازُ:** صفت. تمام پيارو – وَٽندڙ – قَرَتالعين.
– **اَکین جو پاڻي سُڪڻ:** روئي روئي ٽڪجي ٻوڙ – ڏاڍو روئڻ. اَندو ٿيڻ.
– **اَکین جو نِمڻ:** محاورو. ٽوڙو آٽڻ يا آسرو.
– **اَکین جو رَتُ چلڻ:** سخت ڪاوڙجڻ.
– **اَکین جو سوجهرو:** محاورو. نُور – نظر – اَکين جي روشني. نُور نظر – اولاد – پٽ.
– **اَکین جو نُورُ:** محاورو. اَکين جو سوجهرو – اولاد – پٽ.
– **اَکین جو نُور ڪري ڏسڻ:** پنهنجي اولاد وانگر سمجهڻ – گهڻو پائڻ – پيار ڏيڻ.
– **اَکین تي ڪَپهه جا پڑا چڑهڻ:** تمام بوڑهو ٿي وڃڻ – پروڻ آڇا ٿيڻ.
– **اَکین جي ديد وڃائڻ:** شرم حيا وڃائڻ. بي شرم بنجڻ.
– **اَکین جي نند حَرام ڪرڻ:** اوچاڪا ڪرڻ اِنتظار ڪرڻ.
– **اَکین ڏِنو ڇ اَکین ڏِنا:** ظرف. ظاهر ظهور – کليو ڪلايو.
– **اَکین سان:** ظرف. دل و جان سان – خوشيءَ سان. بنا عذر جي.
– **اَکین سان اَڇڻ:** گهڻي پيار ۽ خوشيءَ سان اڇڻ.
– **اَکین سَجو ڇ اَکین سَجا:** ذ. اَندو. اکين کان معذور.
– **اَکین سمٹو ڇ اَکین سمٹا:** ذ. لاڇار. سدا بيمار.
– **اَکین کانَ اَچلائڻ:** نظرَ تان ڪيرائڻ – ڏڪار جي نظر سان ڏسڻ – نفرت ڪرڻ – گهٽ سمجهڻ. اعتبار جهوڙو نه سمجهڻ.
– **اَکین کان وڏو ٿيڻ:** اندو ٿيڻ.

– **اَکین کي اَنڌاري اچڻ:** اَکين اڳيان اوندهه اچڻ. ڪجهه نه ڏسي سگهڻ. سخت صدمو پهچڻ – مغز کي ڦيري اچڻ – ڪمزور ٿيڻ.
– **اَکین کي اندَيرو اُچڻ:** ضعف کان اکين اڳيان اندَيرو اچڻ – اَکين اڳيان تروڙا اچڻ. مٽو ڦرڻ.
– **اَکین ڳاڙهو ڇ اَکین ڳاڙها:** ذ. صفت ڪاوڙيل – رعبدار – حشمتي.
– **اَکین لُونگ لڳڻ:** نوان دوست ملڻ لڳڻ. ڏاريان دوست ٿيڻ.
– **اَکین مان آب اوندڻ:** ڏاڍو روئڻ – اَکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ.
– **اَکین مان اُرتو وهائڻ:** اَکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ.
– **اَکین مان اَڳا نڪرڻ:** سخت ڪاوڙجڻ. گرميءَ ۽ ڪاڙهي جي شدت کان اَکين مان گرمائش نڪرڻ.
– **اَکین مان ديدَ نڪري وڃڻ:** اندو ٿيڻ. بي غيرت ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ.
– **اَکین مان لال لُوڪ وهائڻ:** رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ – زار زار روئڻ – اوچنگارون ڏيڻ "لُڙڪ لال لطيف جئي، وَرَ لاءِ وهايان" (شاه).
– **اَکین ۾ آهُو هُجڻ:** اَکين ۾ عيب هڻڻ.
– **اَکین ۾ ٽِيڻ:** نظر يا ڏيان ۾ ٽيڻ. دشمنيءَ ۾ اچي وڃڻ.
– **اَکین ۾ پاڻي:** ذ. موتيو پٽي – اَکين جي بيماري.
– **اَکین ۾ پاڻي آڻڻ:** روئڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ.
– **اَکین ۾ پاڻي اُڇڻ:** اَکين ۾ لُڙڪ تري اچڻ – اَبديده ٿيڻ – روئڻهارڪو ٿيڻ.
– **اَکین ۾ جايُون ڏيڻ:** گهڻو پيار ڪرڻ – گهڻو پائڻ.
– **اَکین ۾ ديدَ نه هُجڻ:** اندو هڻڻ. بي شرم هڻڻ.
– **اَکین ۾ جَمْبوري وجهڻ:** اَکيون اَنبوريءَ سان ڪيڻ. ڏهائڻ – ضابطو رکڻ.
– **اَکین ۾ ڌوڑ وجهڻ:** ٺڳي ڪرڻ – دولاب ڪرڻ. مڪاري ڪرڻ. برغلائڻ.
– **اَکین ۾ سانڌيڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.
– **اَکین ۾ سُرمو پائڻ:** ظاهر ظهور ڪنهن سان ڏوکو ڪرڻ. ڏنو وائسو ٺڳي ڪرڻ.
– **اَکین ۾ ڦلا پوڻ:** اندو ٿيڻ. اکين جي هڪ بيماري ٿيڻ.
– **اَکین ۾ ڪَٽر پوڻ:** اَکين ۾ ڪڪرا پوڻ. تڪليف پهچڻ.
– **اَکین ۾ ڪُڙ:** تاڙڻ – تڪڻ. ويجهو ٿيڻ. دشمني رکڻ.
– **اَکین ۾ ڪنبو ٿيڻ:** دشمن جو اَکين ۾ ڪتڪڻ. مخالف جو اکين کي ئي نه وڻڻ.
– **اَکین ۾ لِکائڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.
– **اَکین ۾ وَسڻ:** نظر ۾ سمائجڻ – تصور ۾ جمڻ پسند اچڻ. جهري

مان ظاهر ٿیڻ.

– **اکین ۾ ویهارڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – گهڻو پيار ڪرڻ.

– **اکین ۾ هُنڊڻ:** نظر ۾ هجڻ. تاڙجڻ. دشمن ٿيڻ.

– **اکین وَڏو ج اکین وَڏا:** ڏ. نابين – اندو – سورداس.

– **اکیون آب ڪٽورا:** محاورو. آبدار يا خوبصورت اکيون.

– **اکیون اَپَ ڏي ڪُڙڻ:** دعا گهرڻ – ڏٺيءَ در هاڏائڻ. پڪارڻ.

– **اکیون آڏو اُجهڻ:** لحاظ ڪرڻ – محابو رکڻ. نظر جو ڏوکو کائڻ. پياري ماڻهوءَ جو ڏوکو ڏيڻ.

– **اکیون آهوءَ جهڙيون هُنڊڻ، هرڻ جهڙيون اکيون هجڻ:** خوبصورت ۽ ڪاريون اکيون هجڻ.

– **اکیون اَهرڻ:** اکين اَٽڻ جي شروعات ٿيڻ – اکين ۾ سور ٿيڻ.

– **اکیون اَٽڻ:** اکين جي بيماري ٿيڻ. اکين ۾ درد ٿيڻ.

– **اکیون اَچيُون ٿي وڃڻ:** نابين ٿي وڃڻ – نظر گهٽجي وڃڻ.

– **اکیون اَڏامڻ:** واٽون نهارڻ – انتظار ڪرڻ – ديدار لاءِ آتو هجڻ.

– **اکیون اَڙائڻ:** گهُور ڪري ڏسڻ. عشق ڪرڻ.

– **اکیون اَڙائي ويهڻ:** گهور ڪري پيو ڏسڻ. عشق ڪرڻ.

– **اکیون اَلو ماه ٿيڻ:** اکيون روئي روئي ڳاڙهيون ٿيڻ.

– **اکیون بي خواب ٿيڻ:** نند نه اُجهڻ. بي ڪرار ۽ بي آرام هجڻ – تڙڦڻ. آنڊ ماندَ ٿيڻ.

– **اکیون بيهي وڃڻ:** اندو ٿيڻ. ديدَ گهٽ ٿي وڃڻ.

– **اکیون بَڏڻ:** اکيون پورڻ – مرڻ.

– **اکیون بَرڻ:** ڪاوڙجڻ. اکين ۾ سور ٿيڻ.

– **اکیون بُوڙڻ:** بيحيا ٿيڻ – بيغيرت ٿيڻ – لڄ لاهڻ. مرڻ. نند ڪرڻ.

– **اکیون پِڇڻ:** اکين سان اِشارا ڪرڻ.

– **اکیون پَڙ رَهڻ:** روئڻ – گوڙها ڳاڙڻ.

– **اکیون تَپائڻ:** ڪاوڙ ڏيکارڻ – غصو ڏيکارڻ.

– **اکیون تَڏيُون ٿيڻ:** ڏاڍو خوش ٿيڻ ٻڌي جي فائدي ۾ راضي رهڻ.

– **اکیون ٽمڪائڻ:** شرمندو ٿيڻ. ڪکو وکو ٿيڻ. ڳهَر ڪان اکيون چِنبڻ.

– **اکیون ٺَرڻ:** راضي رهڻ – خوش ٿيڻ.

– **اکیون ڌائڻ:** نظر ڪرڻ. نظر هڻڻ – ڏِکڻ – نهارڻ. بد نظر سان ڏسڻ.

– **اکیون ڌائي ويهڻ:** نهارڻ – واٽ ڏسڻ – انتظار ڪرڻ. آسرو رکڻ – اُميد ڪرڻ.

– **اکیون ڌوئڻ:** اکيون وڃائڻ. جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – تمام گهڻو آذرپاءُ ڪرڻ. تمام گهڻي عزت ڏيڻ.

– **اکیون ڌِنجَڻ:** هوشيار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.

– **اکیون ڌِنجَڻ، ڌيان ڪرڻ:** هوش ڪرڻ. ڌيان ڪرڻ. خبردار ٿيڻ – هوشيار ٿيڻ. ڌيان ڏيڻ.

– **اکیون ڌيان ڪري هلڻ:** سنڀالي هلڻ – ڌيان سان هلڻ.

– **اکیون ڌَلڻ:** اکين ۾ سوزش ٿيڻ.

– **اکیون ڦِٽڻ (ت):** ڪاوڙ لڳڻ.

– **اکیون ڦِرخ ٿيڻ:** حيران ٿيڻ. واتڙو ٿيڻ.

– **اکیون ڦٽ سان لڳڻ:** سڪرات ۾ اُجهڻ سخت بيمار هجڻ.

– **اکیون ڦِٽڻ:** اکين جا پلڪ هيٺ مٿي ڪرڻ – اکيون ٽمڪائڻ.

– **اکیون ڏُرا ڏيڻ:** اکين ۾ ڪَڏون پوڻ – تمام ضعيف ٿيڻ.

– **اکیون ڏَسڻ:** ڪنهن کان مرعوب ٿيڻ – ڪنهن جي ڪاوڙ کان متاثر ٿيڻ.

– **اکیون ڏَکڻ:** اکيون پورڻ – بي شرم ٿيڻ. لِڪَڻ – ڇِپڻ.

• **اکیون ڏيکارڻ:** ڏڙڪو داب ڪرڻ – تنبيهه ڪرڻ. ڪاوڙجو اظهار ڪرڻ.

– **اکیون ڏِکي ڳالهائڻ:** ڳالهائڻ وقت ساڃهه نه ڏارڻ – سا ڳاهي نه ڳالهائڻ.

– **اکیون رَبَ رَکيُون:** محاورو. اکين جو نُور سُهائو. خدا جي حفظ ۾ رکيل اکيون "تنهنجون اکيون رب رکيون – هو جمالو".

– **اکیون رَتُ ٿيڻ:** سخت ڪاوڙجڻ.

– **اَکیون رت ڇڏڻ:** اکيون جوش ۽ ڳاڙهيون ٽيڻ – سخت ڪ ڻ، ٻڌي جو پلو نه سهي سگهڻ.
– **اکيون رَت سان پرڻ:** سخت ڪاوڙ ٽيڻ.
– **اَکيون رستي تي رهڻ:** واٽون نهارڻ. انتظار ڪرڻ – ملاقات لاءِ منتظر رهڻ.
– **اکيون روشن رهڻ:** نظر تيز رهڻ. اکين ۾ طراوت اچڻ – اکين ۾ تازگي اچڻ.
– **اَکيون سائيون ٽيڻ:** يرقان جو مرض ٽيڻ. ڏپ ۾ پرڻ. هيٺو ٽيڻ – ضعيف ٽيڻ.
– **اَکيون سائيون پيلائيون ڪرڻ:** ناراض ٽيڻ – ڪاوڙجڻ.
– **اَکيون سُجائڻ:** ڏاڍو روئڻ. ڪاوڙجڻ.
– **اکيون سيڪڻ:** بدنيتيءَ سان ڏسڻ.
– **اَکيون شرمائڻ:** شرم ڪان اکيون هيٺ ٽيڻ. حياءَ اچڻ – لڄ ٽيڻ.
– **اَکيون ڦاٽڻ:** حيرانيءَ ڪان اکيون ڦاٽي وڃڻ – حيرت ۾ پوڻ. ننڊ نه اچڻ.
– **اکيون ڦاڙڻ:** ڪاوڙجڻ. اکيون ڪولي ڏسڻ. حيران ٽيڻ.
– **اَکيون ڦاڑي ڏسڻ:** اکيون ڪولي ڏسڻ – چنائي ڏسڻ – چگيءَ طرح جاچي ڏسڻ.
– **اَکيون ڦِرائڻ:** هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ – مرڻينگ ماڻهوءَ وانگي اکيون ڦيرائڻ. ڪاوڙ سان نهارڻ.
– **اَکيون ڦوٽارڻ:** اکيون ڦاڑي نهارڻ. گهور پائي ڪاوڙ سان ڏسڻ. ديڃارڻ.
– **اَکيون ڦيرائڻ:** منهن نه ڏيڻ. نه ڏسڻ. بي مروّت ٽيڻ.
– **اَکيون ڦيرڻ:** منهن ڦيرڻ.
– **اَکيون ڪاپار سان لڳڻ:** سخت بيماريءَ سبب اکيون ڏرا ڏيئي وڃڻ.
– **اَکيون ڪاپار ۾ ڪري هلڻ:** مغروريءَ سان هلڻ. ڏيان سان نه هلڻ.
– **اَکيون ڪاپار ۾ هُجڻ:** ڪنڌ مٿي هڻڻ – مغروريءَ ۾ پريل هڻڻ.
– **اَکيون ڪڍڻ:** انڌو ڪرڻ. سخت سزا ڏيڻ ڪاوڙ ۾ نهارڻ. سخت تابش ڪرڻ (سج).
– **اَکيون ڪڍي نهارڻ:** گهور ڪري نهارڻ. ڪاوڙ مان نهارڻ. دوڏا ڦاڑي ڏسڻ.
– **اَکيون ڪرائڻ:** اکين جو علاج ڪرائڻ. ڦلي يا موتيي پائيءَ جو علاج ڪرائڻ.
– **اَکيون ڪُڙيون ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ جي حالت ۾ اکين ۾ شور وجهڻ.
– **اَکيون ڪُکوڙڻ:** اکين ۾ رَت جي لالاڻ تري اچڻ. اکين ۾ جواني، جورت ظاهر ٽيڻ.
– **اَکيون ڪيائڻ:** هڪ ٽڪ نهارڻ. جوهه وجهڻ.
– **اَکيون کلڻ:** اکيون بند ڪرڻ. سجاڳي ٽيڻ. خبردار ٽيڻ.
– **اَکيون کڻڻ:** منهن مٿي ڪري ڏسڻ – مٿي نهارڻ. ڪنڌ مٿي کڻڻ. ڏسڻ – نظر ڪرڻ.

– **اَکيون گاڙهيون، لال ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ ڪرڻ – سخت ناراضيو ڏيکارڻ.
– **اَکيون گِريون ٽيڻ:** اکين ۾ ننڊ پرڻ اچڻ – ننڊ جو خمار چڙهڻ.
– **اَکيون لِکائڻ:** پردو ڪرڻ. حياءَ ڪرڻ.
– **اَکيون لَڳڻ:** بيماريءَ سبب ڪري اکين جي ڇڪن جو هڪ ٻئي سان جڙجڻ. اکيون اُڀرڻ. ننڊ ڪرڻ. نظرن جو اُلجهڻ – عشق ٽيڻ.
– **اَکيون مٽي ڪٽي نه نهارڻ:** حياءَ ۽ لڄ وڃان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄارو ٽيڻ.
– **اَکيون مٽي نه کڻڻ:** لڄارو ٽيڻ.
– **اَکيون مَٽيڻ:** اکين تي جادو ڪرڻ. بيخبريءَ ۾ شيءِ کڻي وڃڻ.
– **اَکيون مَهٽڻ:** اکيون ملڻ – اکين کي صاف ڪرڻ (کنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ لاءِ).
– **اَکيون ميچڻ (ث):** اکيون پورڻ. شناس نه رکڻ.
– **اَکيون وَڻڻ (ت):** مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين کي هٿن سان پورڻ.
– **اَکيون وِڻي ويهڻ:** انڌو ٿي ويهي رهڻ.
– **اَکيون وڃهڻ:** ڪنڌ – نظر وجهڻ. لالچ سان ڏسڻ.
– **اَکيون وڃائڻ:** انتظار ڪرڻ – واٽون نهارڻ. نهايت عاجزيءَ سان خاطر مدارات ڪرڻ.
– **اَکيون هڻڻ:** اکين سان اشارا ڪرڻ – اکيون ڇنڻ. ميچون ڏيڻ – محبت جا اشارا ڏيڻ. ٽاڏون هڻڻ – مستي ڏيکارڻ.
– **اَکيون هيٺ ڪرڻ:** شرم ڪان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄي ٽيڻ – ڪُڪو ٽيڻ. بيغيرت ٽيڻ – بيحيا ٽيڻ
– **اَکڻين لائي ويهڻ:** انتظار ڪرڻ – اوسيڙي ۾ رهڻ – واٽ نهارڻ.

• **اَکَ** ج **اَکَ:** ذ. [سن. اَکْشوت] ميوي جو هڪ قسم. اکروٽ.
(صفت) [سن. اَکشيه] نه کٽندڙ. ناس نه ٿيندڙ ـ غيرفاني ـ امر.
• **اِکَ**(ل): ذ. کمند جو هڪ قسم – ڳاڙهوءَ سنهون کمند.
• **اکا:** دائا جيڪي شادي وقت گهوٽ کي هٿن دائا جيڪي پيئا طور پائيءِ کي ڏين. دائاجيڪي خيرات طور ڏجن (ڪچ جي بولي: فقير کي اکا ڏي نه وڃي.
• **اَکا** (ث): اسم خاص. راڄپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اَکاج** ج **اَکاج:** صفت. [سن. اَ + کادْيه] نه کائڻ جوگو – نه کائڻ جهڙو.
• **اَکاڙَڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَنْ: اُتْکَدْ] پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ – تباه ڪرڻ. (اکاڙيو – اکاڙيندو – اکاڙيل).
• **اَکَڻ:** مصدر. [سن. اُتْ – تري + اَترڻ. لنگهڻ. پار وڃڻ] باهر اچڻ –

نکرڻ (پاڻي، مان). اَکرڻ. لنگهڻ. ٢. "جنين پاسي پاڻ سي اَوڙاڻ ٿي اَکيون". ٣. "سورن سهيلي، جئن تئن جهاگي اَکي" (شاه). (اَکتو - اَکيل - پاڻي جهاگي مٿي باهر نکرڻ (مينهن جو).

• **اَکڪ ج اَکڏ:** صفت. [سن. اَکْشَ] ان گڻ - بيشمار - بي انت - بي انداز.

• **اَکڏ ج اَکڏون:** ث. [سن. اَدْ + گهڏ] اوگهڙ. پڏرائي - رسوائي - بدناميءَ "آٿ منجهه اکڏ، کائڏ ڪنهن جي نه ڪري" (شاه).

• **اَکڏڻ:** مصدر. [سن. اُتْکِري] اَکرڻ - نقش ڪيڻ. کوٽڻ. مشهور ٽيڻ (اَکتو - اَکيل).

• **اَکڇ ج اَکڇ:** ذ. صفت. [ا + کڇ] نه کڇ جهڙو - گهرو.

• **اکسرج اکسر:** ذ. "الفابيٽ" جي ڪنهن به آواز جي تحريري شڪل.

• **اَکر ج اَکرَ:** ذ. [سن. اَکْشَر] حرف. لفظ. ميار - ڏوراپو. سُخن - شبد. جٽ - نقش "ڏورنشائيں ڏس. اکر جنائين جڙيا" (شاه). سبب - حساب "لاڀي وڃان لوڪ. تو ڪهڙي اکر آڻڙي" (شاه).

- **اَکر بہ اَکر:** ظرف. حرف بحرف. سرسٽو - سمورو. هوبهو.
- **اَکر پاڻڻ:** لکڻ. اندا ٻرڻ.
- **اَکر ڏاڻو:** ذ. اِشتقاق - اکرن جو بنياد.
- **اَکرشناس:** ذ. صفت. اکر جاڻندڙ - حرف شناس.
- **اَکرشناسي، اکر شناسي:** ث. پڙهي وڃڻ جيتري ڄاڻ.
- **اکر ليکن:** سڳ سڳاوتي جي هڪ رسم موجب ٻدي جي سڳ ڏيڻ جي قبوليت لکڻ.
- **اَکرن وارو ج اَکرن وارا:** ذ. صفت. پڙهيل اڻڪلي - سياڻو.
- **اَکري ج اَکريُون:** ث. اکرن جو شمار - حرف شماري "تيهه اَکري - سي حرفي". (صفت) اکرن جو ڄاڻو - پڙهيل.
- **اَکري ڪاڳري:** صفت. حساب ڪتاب جو ڄاڻو - ليکي چوکي جو استاد.
- **اَکري معنيٰ:** ث. لفظي معنيٰ.
- **اَکڑ ج اَکڑ (ل):** ذ. [سن. اَکْش + اک] اکين وارو - وڏين اکين وارو - دوڏر اکين جهڙن نقشن يا جنن نکتل ڪپڙو.
- **اَکڑاڙ ج اَکڑاڙون (ث):** ث. اکران - ڪرڙ - ڪرچن.
- **اَکڑاڻ ج اَکڑاڻون:** ث. ڪنهن به رڌل شيءِ جو سڙيل ترو - ڪرڙ. ڪرچن.
- **اَکڑڻ (ث):** مصدر. ڏاڍي سان ڪرڙڻ (اَکرڙيو - اَکرڙندو - اَکرڙيل).
- **اَکڑڪندو:** ڪنديءَ جو وڏو ٽلهو وڻ (پڪي ڪاٺ وارو جنهن مان اکريون ٺهن).
- **اَکڑو ج اَکڑا (ل):** ذ. [سن. اُلوکل] اکڙو - اکري.
- **اَکڻ:** مصدر. ريڍ جو سُڪڻ - ريڍ ڪيل زمين جي وٺ سُڪي وڃڻ (جنهن ۾ هر ڪاهي نه سگهجي).
- **اَکڻو ج اَکڻا (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم اک جي اَڻ واري حالت. ڇچي.
- **اَکڻو ج اَکڻا:** ذ. صفت. مصالح ڪٽڻ لاءِ يا جانورن چڙڻ لاءِ ڪاٺ، پٿر وغيره جو ڪوندو - اَکرلو.
- **اَکڻو مهري:** ذ. ڪاٺ يا ڪنڊ وغيره مان مصالحي ڪٽڻ لاءِ خاص ٽانڊو.
- **اَکڻوٽ ج اَکڻوٽ:** ذ. [سن. اَکْشوت] سڪل ميوي جو هڪ قسم. ول جو هڪ قسم.
- **اَکڻي ج اَکڻيُون:** ث. [سن. اُلوکَل] ان چڙڻ ۾ مصالح ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ يا ڪنڊ جو ڪوندو. درواڙي جي طاقت ڦرڻ لاءِ چانڊ ۾ ڪيل سوراخ. (اسم خاص) تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **اَکڻي مهري:** ث. خاص طرح جانورن چڙڻ لاءِ ڪاٺ يا ڪنڊ مان ٺهيل وڏي اکري يا مهري.
- **اَکڻيءَ ۾ پاڻي چڙڻ:** آجائي ڪوشش ڪرڻ - ڪلر ۾ ڪٽڪ بوڪڻ - ڊنگهون تي اڻو هارڻ.
- **اَکڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ:** جاڻي ٻجهي جان خطري ۾ وجهڻ - پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ.
- **اَکڻي ڪسي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **اَکڻو (ث):** ٿڌ مصدر "کيڙڻ" مان اسم - اڻ کيڙيل زمين - غيرآباد زمين.
- **اَکڻڻ:** مصدر. [سن. اَنْکَنْ] پاڙڻون پنجرن. سڏن کان نکرڻ. کلڻ - اُڏرڻ. ٽُٽڻ - ڇڇڻ "مونا ان جا اَکڻيا. ارٽ ڊرڪي مالهه" (شاه). (اَکڻيو - اَکڻندو - اَکڻيل).
- **اَکڻوٽ ج اَکڻوٽ:** ذ. سُڪل ميوي جو هڪ قسم - اکروٽ.
- **اَکڻوٽ اَکيو:** ذ. صفت. جنهن جا ڏوڏا باهر نڪتل هجن - وڏين اکين وارو - دوڏر.
- **اَکڻي ج اَکڻيُون:** ث. [سن. اَکْش + ک] برقعي يا چادر مان نهارڻ لاءِ اک جيتري جاءِ. پرت جو هڪ قسم.
- **اَکڻي ڪيڏ:** چادر سان سجو بت ڏکي اکين اڳيان ڏسڻ لاءِ ٿوري جاءِ ڇڏڻ - پردي مان نهارڻ.
- **اَکڻيو ج اَکڻيا:** ذ. صفت. اکين ڦوٽاريل ڏوڏر.
- **اَکڻيون اَڙاڻڻ:** ديدار ڪرڻ لاءِ اکيون اٽڪائڻ. محبت پريل نگاهن سان ڏسڻ.
- **اَکڻيارو ج اَکڻيارا:** ذ. صفت. ڏڳهي نظر وارو. دوراندیش.
- **اَکَل ج اَکلون (ڪ):** ٿڌ جانور جو مٿي يا سڳ سان هنيل ڏڪ - ٽونو. گهُنڊ - ڄونگ - هُر. هَنڊ. گرسان ڏڪ گوشت کان الڳ وهڻ (ل).
- **اَکل ڄُتو ج اَکل ڄُتا (ت):** ذ. صفت. ٽلهن بندڻن وارو. (ث) اَکل ڄُتي ج اَکل ڄُتيُون.
- **اَکل ڏيڻ:** ول کي اَڙاڻڻ پٽاڻڻ.

– **اَکلون مارڻ:** هروپرو تنگ ڪرڻ – هيسائڻ – دٻائڻ.
– **اَکلون هڻڻ:** ابتيون ٽڪرون هڻڻ – چاٽڪون هڻڻ – طعنا هڻڻ.
• **اَکِلڻ:** مصدر. [سن. اَٹکَنّ > اَت = مٿي + کن = ڪرڻ] اڌڙي پوڻ. پاڙئون پٽجڻ (اَکليو – اَکلندو – اَکليل).
– **اَکِلجڻ:** مصدر "اَکلڻ" مان فعل مجهول. اڌڙجڻ – اڌڙي پوڻ – اُڙي پوڻ (ٽوٽي وغيره).
• **اَکِلو ج اَکِلا (ک):** ذ. بيڪار – خرابه اَٿاڻ پيدا ڪندڙ. نقصان ڪندڙ.
• **اَکَرُ ج اَکَرُ:** ذ. صفت. [سن. اَکْشَمَ] بي تحمل – بي صبر.
• **اَکَنڈُ ج اَکَنڈَ:** ذ. [سن. اَکنٹ < اَ + نہ + کنٹ = پاڻ = پاڻ ڏانءُ ٽيل] سجو – سارو – ثابت. سالم.
– **اَکنڈ پاٹ ج اَکنڈ پاٹ:** ڪنهن ڏرمي ڪتاب جو لاڳيتو دور – ديني ڪتاب جو سائڌه وظيفو.
– **اَکنڈ جوت:** ث. دائمي روشني.
• **اَکَنُ ٽِيجَ:** ث. [سن. اَکْشَيهَ تَرتِيا] هندن جي عقيدي موجب سٺ جڳ شروع ٽيڻ جو پهريون ڏينهن – ويساک مهيني ۾ سهائي پک کان پوءِ ٽين تٿ (ٽيون ڏينهن).
– **اَکو ج اَکو:** ذ. صفت. ڪاڻو. ٽيڏو. دوڏو.
– **اَکوائي ج اَکوائي (ت):** ذ. صفت. ڪاڻو.
– **اَکوتو ج اَکوتا (ل):** ذ. اک جو تارو – دوڏو.
– **اَکونو ج اَکونا (ت):** ذ. صفت. ٽيڏو – ڪاڻو.
• **اَکو ج اَکا:** ذ. [سن. اَکْشتَ = اڻ چڙهيل جانور] هندن جو هڪ ڪربا ڪرم. درياءَ جي پيٽا. درياءَ ۾ وڏل جانور يا ڪجو اَن. پاڻ يا سَرَڻ وقت اچلايل جانورن دانڀا. پنجوڙ يا ٽنگڙيءَ جو سوراخ – ٽنگ – سوراخ (ت). [هـ. اَکا] ڪجاوي يا هوري جو اڌ يا هڪ پاسو. ٽڪرن "اَکا" ذات جو فرد.
– **اَکا پَنڻ:** خيرات گهرڻ – پيٽا وٺڻ "اَکا آري جام جا، پب ۾ پنيائين".
– **اَکا وَجهڻ:** هڪ رسم موجب مري ويل عزيزن جي قبرن تي جيتن ۽ پڪين جي ڪائڻ لاءِ جانورن دانڀا اچلائڻ.
– **اَکا هڻڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم موجب ڳائي ٻڌڻ مهل ڪنواريتن طرفان ڪهوت جي منهن ۾ جڳي سوڻ خاطر جانورن دانڀا هڻڻ.
– **اَکو ٿلو ڪرڻ:** هندن جي هڪ رسم ادا ڪرڻ. نذر نياز ڪرڻ.
– **اَکو پائي ڪرڻ:** هڪ سوڻ موجب اَن ڪڻا پاڻيءَ ۾ اڇلڻ – ڏرڻيءَ تي پاڻيءَ جا چندا هڻڻ.
– **اَکو پائڻ:** هندڪي رسم موجب اَٽي جو ڏيو ۽ جانورن دانڀا پاڻيءَ ۾ وهائڻ.
– **اَکو پائي اَچڻ:** ڪنهن سان قطع تعلقات ڪري اچڻ.
– **اَکو ٿلو ج اَکا ٿلا:** ذ. صفت. ٽورڙو – مختصر – ٽورو ڪهٽو. ٽوري ارداس يا پيٽا – غريباڻو نڏرانو. چاندو – نيرن پاڻي. ڪوهه ۾ يا پاڻيءَ ۾ جانورن وغيره اَچلائڻ جي هڪ هندڪي رسم.
– **اَکوٿلو آرتي ڪرڻ:** ڪجهه به نه بچائڻ. سڀ ڪجهه ڇڏ ڪري ڇڏڻ.
– **اَکو ٿلو ڪرڻ:** ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪرڻ. ڪفايت ڪرڻ.
• **اَکو ج اَکا:** ذ. منتر – منڊ "هٿي اکي اکر جي ناڪ نمايا نينهن" (خانزئي).
• **اَکوڪو ج اَکا ڪا:** ذ. صفت. ٽورو ڪهٽو. انتظار اوسيڙو.
– **اَکو ڪو لاهڻ:** ڪنهن ڪم مان فارغ ٿيڻ.
• **اَکوڙڻ:** مصدر. [سن. اَتْ = مٿي + کَڈ = ڇڪڻ] ڪنهن شيءِ کي ڏور ڪرڻ – لوڏڻ – اَکيلڻ. پاڙئون پٽڻ. ڦٽائڻ. ڪڍڻ. اڏيڙڻ. ڦٽ جي ڪڙي لاهڻ ۱. "هٿيو سي حبيب، اکوڙيو اڌ ڪري: ۲. "ٽيڻين ننڊ اکوڙ، جر ورن ۾ واکا ڪرين" (شاه).
• **اَکولڻ:** مصدر. [سن. اَتَکرشْتَ = مٿي چڪڻ. ٻاهر ڪڍڻ] ڪنهن شيءِ کي اُلوڙڻ – اَکيلڻ. کولڻ – پٽڻ. ڏور ڪرڻ "ويني ويٽائون، اَکوليندي اَٽيا" (شاه). (اوکوليو – اَکوليندو – اَکوليل).
• **اَکوڻي ج اَکوڻيُون:** ث. [سن. اَکْشو هٿي] پيادن ۽ سوارن جي فوج (۲۱۸۷۰ رٿ. اوترا هاٿي. ۶۵۶۱۰ سوار. ۱۰۹۳۵۰ پيادا) – اَجوٽي.
• **اَکِي ج اَکِيُون:** ث. [سن] وڻهڻ مهل ڏورن جو ڪرن سان زمين تي ڪونهڙو. ڏور جو ٽونو.
– **اَکِيُن تي ڪَڻڻ:** سڳن تي ڪڻڻ – ڏمڪيون ڏيڻ – ڪهرو ڳالهائڻ. دٻائڻ – هيسائڻ.
– **اَکِيُون هڻڻ:** ٽڪرون هڻڻ. وڻهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. سڳن سان زمين کي اَٽيڻ.
• **اَکِيارُ ج اَکِيارَ:** ذ. صفت. [سن. اکش = اک] سالم اکين واروـ اکين سجو – ڏسندڙ.
– **اَکِيارو ج اَکِيارا:** ذ. صفت. اکين واروـ
• **اَکِيارُو ج اَکِيارَا:** ذ. [سن. اَکْش = اک] وهت جي اکين تي بڌڻ جي انڌاري – آنڌاري – اکياڙي.
• **اَکِياڙي ج اَکِياڙِيُون:** ث. [سن. اَکْش = اک] ڏور جي اکين تي جڙهيل ڪپڙن تي بڌڻ جو ڪپڙو – آنڌاري. ڏڳي وغيره جي اکين تي بڌڻ جو ڪپڙو.
– **اَکِياڙي جَڙهڻ:** مغروريءَ ۾ انڌو ٿيڻ.
– **اَکِياڙيون لُهڻ:** بي جيوَ ٿيڻ. چڙواڳ گهمڻ سٻق حاصل ڪرڻ.
• **اَکِيتُ ج اَکِيتَ:** ذ. زمين جي پيدائش مان اُهتيءَ کي ڏنل پاڳو – اهت.

• **اَڪيراڄ:** اسر خاص. تعلقي منهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَڪي شاهي:** اسر خاص. جيسلميرجي سڪي جو نالو.

• **اَڪيڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْكَلَنَ = چوڙڻ. ڊرو ڪرڻ] اَڪيلڻ – ڪنهل شيءِ کي ٻوڙي ڊرو ڪرڻ. اُديڙڻ. اُتيڙڻ. ويڙهيل ڊيري کي کولڻ – ڊرو ڪرڻ. جدا ڪرڻ. (اَڪيڙيو – اَڪيڙيندو – اَڪيڙيل).

– **اَڪيڙ ج اَڪيڙون:** ث. کولڻ جي حالت. اُديڙ.

• **اَڪيلڻ:** مصدر. [سن. اُتْكَلْ = چوڙڻ. ڊرو ڪرڻ] اَڪولڻ. اَڪيڙڻ. اُديڙڻ. (اَڪيليو – اوڪيليندو – اَڪيليل).

– **اَڪيل ج اَڪيلون:** ث. کول – اُديڙ.

• **اَڪِيو ج اَڪِيا:** ذ. [سن. اَكُشَ = اک] ونراهه ۾ ڪنوار جي منهن تي ٻڌل ڪپڙو ڍڪي وغيره کي اکين تي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا ڪويا "اَکين مٿي اَڪيا. پڙ ۾ پير گناس" (شاهه). ٻوڪي کي ڪيل سوراخ (ل).

• **اَڪاڏ، اَڪاڏُ:** ظرف. [سن. اَ = نه + گاڏ = تارو] جنهن جو تارو نه لهي سگهجي – تمام اونهو – اَٿاهه. عميق – اَپار "بحر اَڪاڏ جو لهر لکايو. طرح نوين طوفان" (سجل).

• **اَڪارَ ج اَڪارُون (ڪ):** ث. بدگفتگو – گار گند. ويڙ – سُهر – ڏورانهو.

– **اَڪارَ ٻولڻ (ڪ):** خراب ڳالهائڻ. گاريون ڏيڻ.

• **اَڪارڻ (لس):** مصدر. خرچ ڪرڻ. (اَڪاريو – اَڪاريندو – اَڪاريل).

• **اَڪال:** ث. [هـ: سن اَدْكَارَ] ٽڪ – قيمتي.

– **اَڪالدان ج اَڪالدانَ:** ذ. ٽڪن اُڇلائڻ جو ٽان، ۔ ٽڪو – چلمچي.

• **اَڪانو ج اَڪانا:** ذ. صفت. [ف. يڪانه] پيارو – لاڏلو – سڪيلڏو.

• **اَڪتَ:** ذ. صفت. [سن. اگت < اَ = نه + گت = چال] بدچال. بابي.

• **اَڪتو ج اَڪتا:** ذ. صفت. ندورو – نياڳو – چَندبو. مردود ٿي مثل – بي ڪنڌو. نياڳو ڏينهن. هندو عورتن لاءِ هفتي جا ٽي منحوس ڏينهن (آڇر. بڌر. جمعو).

• **اَڪتيو، اَڪتيو (ث):** ذ. اوبرندي جي هوا.

• **اَڪتَ ج اَڪتُون (ل):** ث. خلق جو گوڙ.

• **اَڪٽڻ (ث):** مصدر. [سن. اَتْ = مٿي - گهرش = گهڻ] ٽانڊو واري، سان مانجهه – صفا ڪرڻ – ملڻ. (اَڪٽيو – اَڪٽيندو – اَڪٽيل).

• **اَڪڻ:** مصدر. اَڪهڻ "ءِ جي اَڪٽين رڳوپترسين ڪيهٽا" (اَڪنو – اَڪنل).

• **اَڪر:** حرف جملو. [ف] جي – جيڪڏهن.

– **اَڪرچ:** حرف جملو. جيڪڏهن – جيتوڻيڪ.

• **اَڪرمگر ڪرڻ:** ٽنائڻ لاءِ بهانا ڪرڻ – بهاني بازي ڪرڻ.

• **اَڪڙ:** ذ. [سن. اَگر. ف. اَگر] خوشبودار وڻ جو هڪ قسم. عود جي ڪاٺي. خوشبو. "اگر اوڏو نه وجيين. ٽڪيو چڏين ٽوڪ" (شاهه).

• **اَڳمڙ ج اَڳمن:** ذ. دڪان تي روز مره جي وڪري مان ملهل رقم رکڻ لاءِ ٽان، پيٽي وغيره.

– **اَڳرَپي ج اَڳرَپيُون:** ث. اَگر وڻ جي ٽيلي جنهن کي ساڙڻ سان خوشبو نڪري.

– **اَڳردانُ ج اَڳردان:** ذ. اگربتي ٻاري رکڻ جو ٽان.

– **اَڳرتڪر، اَڳرتڪَرَ:** ذ. سيڪجهه – سموروسامان. موڙي ۾ نفعو.

– **اَڳرتڪر چڪ، ناسُ ٽيڻ:** جهڪوئي جهڻ ٽيڻ – سموري ملڪيت تباهه ٽيڻ – الهه تلهه ناس ٽيڻ.

– **اَڳرتڪر ڪائي رَجڻ:** هڙ ڪائي رجڻ.

– **اَڳرتڪر ڪَجي رَجڻ:** اَلهه تلهه جورائجي وڃڻ.

– **اَڳر ڪائي ج اَڳر ڪائيُون:** ث. اگر وڻ جي ڪاٺي – گگر يا عود جي ڪاٺي.

• **اَڳرَس ج اَڳرَسُون (ل):** ث. گهُٽَ – هوسٽَ.

• **اَڳرو ج اَڳرا:** ذ. صفت. [سن. اَگْر] مڪروهه. اڻ وٽندڙ (سواد). اُبڙڪا آئيندڙ. اَڻ وٽندڙ – بد ذائقه. شوخ طبع (ماڻهو). (ث) اَڳريُ ج اَڳريُون.

– **اَڳرائي:** ث. ڪوڙاڻ. شوخي. بدذائقگي.

• **اَڳرِيل ج اَڳرِيل (ث):** صفت. صفا بڪل – گهاٽو پيلو ٽيل – اُريل.

• **اَڳَڙم بَڳَڙم:** ذ. سمجهه ۾ نه ايندڙ ڳالهيون. فضول ڳالهيون. بيڪار شيون. (صفت) گڏوڇ.

• **اَڳس ج اَڳَس:** ذ. صفت. اَڻ گس – نه گسندڙ پورو (نشان تي). بي خطا (نشانبان – چيٽو. بهادر.

• **اَڳسِڻي (ث):** ذ. گاهه جو هڪ قسم. سُسئيءِ جو پٽ.

• **اَڳلو ج اَڳلا:** ذ. صفت. [سن. اَگهل = خراب. گنهگار] گدلو – ميرو. (ث) اَڳلي ج اَڳليُون.

– **اَڳلائي ج اَڳلائيُو:** ث. ميرائي – گدلائي. ناقصائي – اڻپورائي ۱. "اَڳلائيون اوڏن جون. لاڪا ڪير ليکيج"؛ ۲. "منهنجي ميت ميندرا، تون عاقل اڳلائي" (شاهه).

– **اَڳلڙي ج اَڳلڙيُون:** ث. "اَڳلي" جو اسر تصغير. ميرڙي – اَدلڙي گدلڙي. هيٺي – ضعيف "اَڳلڙي آئون. مون کان پڙا پڳا نه ٿيا" (شاهه).

• **اَڳلڻ:** مصدر. [سن. اُدْگري] اوڳارڻ – ڪاڏل شيءِ مُنهن مان باهر ڪڍڻ. قي ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ. نڪري پوڻ. شڪوه شڪايت ڪرڻ بيان ڪرڻ. (اَڳليو – اَڳليندو – اَڳليل).

• **اَڳلِي ج اَڳليُون:** ث. ميري – گدلي.

• **اَگَرُ ج اَگر:** صفت. [سن. اَگْنِيَ > اَ = نہ + گر = وڃڻ] جنهن جي ڪل نہ پوي. جو سمجهه ۾ نہ اچي. جنهن کي پهچي نہ سگهجي. بي پروڏ. پهچ کان ٻاهر. بي انت — بيحد. غيب — ڳجهه "آهن اَگر اپار. راهان رام ملڻ جون" (سامي).

• **اَگر جاڻ ج اَگر جاڻ:** ذ. صفت. [سن. اَگميه + گيان] ڳجهه جاڻندڙ — غيبدان — جوتشي.

— **اَگر شاسْترُ:** ذ. اهو ڪتاب جنهن ۾ غيب يا باطن جي علم جو بيان هجي — باطني علوم. علم جوتش. جفر ۽ رمل جو ڪتاب.

— **اَگر گيان:** ذ. [سن. اَگميه + جْيان = جاڻ] غيب جو علم — ڳجهه جي جاڻ.

• **اَگر:** ث. [سن. اُدْگَرْ = مٿي وڃڻ. چڑهڻ] بلندي — ارتقاء. اُپرڻ (تارن جو). ظهور (نباتات جو) — اوپڙ — جمر — اوسر. تخليق.

— **اَگَرَ سان:** ظرف. جتائي ۽ سان — صفائي ۽ سان.

• **اَگرَ ج اَگرَ (ڪ):** ذ. لٽي جو ڪونڙ.

• **اَگنِ:** ث. [سن. اَگْنِ: اَگني = آگ] ٻاهه — آتش. هندن جو ودو ديوتا.

— **اَگنِ پُوجاري:** ذ. صفت. آتش پرست — پارسي — زردشت جا پوئلڳ.

— **اَگني:** ث. ٻاهه — اگن.

— **اَگني باڻ:** ذ. ٻاهه وارو تير.

— **اَگني پُوجا:** ث. ٻاهه جي پوجا — آتش پرستي.

— **اَگني سنسڪارُ:** ث. هندن جي هڪ رسم موجب مُردي کي ساڙڻ جي ڪريا.

— **اَگني شالاڙ:** ث. ٻاهه برڻ جي جاءِ. رڌڻو — بورچيخانو.

— **اَگني هوترُ:** ذ. هندن جو هڪ ڪريا ڪرم هَوَنُ.

• **اَگنڊي:** ث. صفت. [سن. اَ = نہ + گوندر = ڳڻتي. فڪر. غم] بي ڊپي — ڊپ يا خوف کان سواءِ — اوتي يا اڪلي کان سواءِ — سواءِ گوندر جي. اهمر اَنَ اَگندري. پاسي کانڌ ڪتن" (شاهه). (هنر) کان سواءِ — اوڳڻ — بي هنر. نالائق — بي اثر.

• **اَگوڻُ (ث):** مصدر. [سن. اَدْ = مٿي + جَنْ = جنڻ. جمڻ] اُگڻ — ڦٽڻ. نروار ٽيڻ — ظاهر ٽيڻ. (اُگيو — اُگندو — اُگيل).

• **اَگڻت (ث):** ث. صفت. [سن] اڻڳڻت — بيشمار — بيعدد — ڳڻڻ کان ٻاهر.

• **اَگڻيڪ (ث):** صفت. هڪ عدد — اوٽيهه.

• **اَگوتري:** ذ. صفت. [سن. اَ + گوتر = ڪُل. ڪتب] جو سڳائي ڪُل يا گوتر جو نہ هجي — بيءِ ذات وارو — اٻٽيو.

• **اَگوچَرُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + گو = اِنْدري + چر = هلڻ] جو ڏسڻ ۾ نہ اچي — جو محسوس ڪري نہ سگهجي. اَلک — بي مثال. مخفي — لڪل. ڏٺيءِ جو هڪ صفاتي نالو "سيوا ڪرسموند جي. جو اگوچر آهي" (شاهه).

• **اَگونڊرُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + گوندر = غم] بي غمو. بي پرواهه — اَگونڊرو.

— **اَگونڊرائي:** صفت. بي فڪري — بي خيالي. بي غمي.

— **اَگونڊرو ج اَگونڊرا:** ذ. صفت. بي پرواهه — بي فڪر — بي خيال. جهجهو — جالارو "سانگين وريو ساهه. اُٺن آب اَگونڊرو" (شاهه).

• **اَگوڻ (ث):** ذ. هڪ طرف جو نالو — اُپرندو.

• **اَگوهَڻ (ث):** مصدر. [سن. اَدْگَمَن] سج يا چند جو اُپرڻ. (اَگو — اَگندو — اَگيل).

• **اَگياري:** ث. [سن. اَگْن = ٻاهه. هـ اَگياري] هندن جي پوجا وقت ٻاهه ٻارڻ جي رسم. پارسين جي ٻاهه جي ٻني. ٻاهه جي پوجا لاءِ مندر — آتش ڪده. گيهه جي رائي.

• **اَگياڻ:** ذ. صفت. [سن. اَجْيَانْ = اَ جاڻائي] جهالت — نادانيءَ — بي علمي — بي عقلي — بي سمجهي.

— **اَگياني:** ذ. صفت. اڻ جاڻ — جاهل — بي علم — بي سمجهه — جَتُ. مورک.

• **اَگ:** ذ. وار "اَگ رڌان ڪيس ڪج ترنگ چيڪر وار" (ڏهس).

• **اَگَ ج اَگَ:** ذ. [سن. اَگْر] مُنڊ — مُهڙ — مَهاڳ. مُنهن. اَڳيون پاسو. اڳيون وقت. (ظرف) اول — پهريون — اڳيون. سامهون هن کان اڳ. اَڳيان — اَڳي.

— **اَگ اَگ:** ظرف. پيش پيش.

— **اَگ آيي اَگايو ج اَگ آيا، اَگايا:** ذ. صفت. اَڳ جائو — زال کي اڳڻين گهر مان جايل پٽ. (ث) اَگ اَڻي. اَگائي ج اَگ آيون. اَگايون.

— **اَگاهُونْ:** ظرف. اڳيرو — اڳيان — اڳتي ۱. "آءُ اوراهين سپرين، وڃ مَ اَگاهون" ۲. "ڪيڄ اَگاهون پنڌ. متان لکن سين لڳي مرين" (شاهه).

— **اَگاهينْ:** ظرف. اَگاڻي وقت کان — اڳي کان. اڳهڙو — ٻنهه اڳي "متان ٽيين ملور. ڪي اگاهين آهيين" (شاهه).

— **اَگ ٻڌڻ:** ڪلو ٻڌڻ. اٽڪل سان ٻڌي جي دل جو حال معلوم ڪرڻ. اَگ ونڻ.

— **اَگ ٻڌي، ٻڌڻي ج اَگ ٻڌيون، ٻڌڻيُون (ث):** ث. اَگ ونڻي راز لهڻ جي حالت — پيچ بازي — حڪمت عملي — ڪندو — دلبو — ڏڳي — دولاب.

— **اَگيرو ج اَگيرا:** ظرف. ڪجهه اڳتي — ٿورو اڳيان. ٿورو پرتي — پريرو.

— **اَگيني:** ظرف. اڳيرو — اڳيان. اڳيندو.

— **اَگيني جو ڏَس ڏيڻ:** همت ٻڌائڻ. برغلائڻ.

— **اَگڻُون ٻيهي نہ سگهڻ:** مقابلو ڪري نہ سگهڻ — رعب سهي نہ

سگهڻ.

– **اڳ ٻوڙ:** ٻين کي ريتي پنهنجو مرتبو وڌائڻ. ترقي ڪرڻ.

– **اڳ ٻوڙ:** ظرف. اڳتي ويجهو – اڳيان پنڌيان گذريل وقت ۽ آئيندو.

– **اڳ ٻوڙ جاچڻ:** دوراندیشي ڪرڻ. ماضي ۽ مستقبل جو خيال ڪرڻ – نتيجي جو ويچار ڪرڻ. سنپالي قدم کڻڻ – خيال ڪري هلڻ.

– **اڳ ٻوڙ ڪرڻ:** خوشامد ڪرڻ. خدمت ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ. بدل سدل ڪرڻ. دل من هڻڻ – هٽڪڻ.

– **اڳ جو اونو ڪرڻ:** آئيندہ جو خيال ڪرڻ – دوراندیشي ڪرڻ.

– **اڳ جهلڻ:** ڪنهن جو ڏڳ جهلي بيهڻ – رستو روڪڻ.

– **اڳ جائڻ ج اڳ جاوا:** ذ. صفت. زال کي اڳئين گهر مان جاول پت آڳ آيو – اڳاڻو. (ث) اڳ جائي ج اڳ جاڻيون.

– **اڳ جيڻ، جيتي:** ث. دوراندیشي – ڳڻ ڳوڻ. (صفت) دوراندیش.

– **اڳ ڏوڙ ج اڳ ڏڏا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏڏل – اڳ ئي آزاريل – ڏکويل.

– **اڳ ڏکويو ج اڳ ڏکويا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏکايل – اڳ ڏڏل. (ث) اڳ ڏکوئي ج اڳ ڏکويون.

– **اڳ ڏاڻو ج اڳ ڏاوا:** ذ. صفت. اڳ ئي ڏاول – سٽيءَ پيڙهيءَ شاهوڪار – بنيادي تونگر. سڪئي گهر ۾ جاول "آئون اڳ ڏائي، سنيهو سٽي جيان" (شاه).

– **اڳ ڦرڻ:** رستو روڪڻ – رندڪ وجهڻ.

– **اڳ ڪٿي ج اڳ ڪٿيون:** ٽه ايندڙ واقعي جي خبر – پيشينگوئي.

– **اڳ ڪٿي ڪرڻ:** پيشينگوئي ڪرڻ.

– **اڳ ڳڻتي:** ٽه. دوراندیشي – اڳ ويچار.

– **اڳل:** ظرف. اول – منڊ ۾ ـ اڳ ۾.

– **اڳ ۾:** ظرف. اڳل ۾ منڊ ۾ ـ مهڙ ۾ گذريل وقت ۾.

– **اڳنا:** ظرف. اڳتي – آئيندہ.

– **اڳ ونڻ:** سامهون اچڻ. آڏو آڇڻ. فريب ڏيڻ. ڪرڙ ڳالهائڻ. مُنجهائڻ. ڪنهن جو ڏڳ جهلي بيهڻ – اڳ ولي ويهڻ. پهچي ۽ اڳتي نڪري وڃڻ.

– **اڳوات:** ظرف. اڳ ۾ ـ اڳي ئي ـ مهند – پهريائين – شروع ۾ ـ اڳوار.

– **اڳوات اڇڻ:** پهريائين پهچڻ. آڏر پاءُ لاءِ اڇڻ – استقبال لاءِ اڇڻ – ٻه وڪون اڳتي وڌي اڇڻ.

– **اڳوات وڃڻ:** اڳي ئي وڃڻ – سڀ کان اول وڃڻ. استقبال لاءِ اول روانو ٿيڻ.

– **اڳوار:** ظرف. اڳ ۾ ـ پيشگي. (صفت) اڳواڻ – سردار – سرمهرو – سات ڏيڻ "سر آريائي اڳوار، اجي هوت ڏريندو هٽرا".

• **اڳات:** "بويت ون اڳات پيريان گت مست ڪري مٽندل" (محمد).

• **اڳاتم:** ذ. اڳسٽ.

• **اڳاچ:** صفت. [سن. اڳتِتَ] اڳ ڳڻيو – ڳاڻاتي کان ٻاهر – بيشمار – اڳاڇو – اڪٿ.

– **اڳاچو ج اڳاچا:** صفت. اڳ ڳڻيو – بيشمار – ڳاڻيتي کان ٻاهر – اڳاچ.

• **اڳاڏ:** صفت. [سن. أ + ن + گاڏ = تري] اونهو – عميق – اٿاهه.

• **اڳاڻ:** مصدر. [سن. اُدْ گري] کاڏل گاهه. ڏاڙو يا کاڏو وري وات ۾ آڻي ڇڏڻ – اوگاڻ.

• **اڳاڻ:** مصدر. [سن. اُدگرهڻ] وصول ڪرڻ (قرض). کلو ڪرڻ (چندو). اڳاڙيو – اڳاڙيندو – اڳاڙيل).

– **اڳاڙ ج اڳاڙون:** ث. رقم جي وصولي. قوڙي – اوگڙ.

– **اڳاڙو ج اڳاڙو:** ذ. اڳاڙيندڙ – وصولي ڪندڙ.

– **اڳاڙي ج اڳاڙيون:** ث. قوڙي – وصولي، جو مقرر حصو.

– **اڳاڙي ڪرڻ:** قوڙي ڪرڻ. وصولي ڪرڻ.

• **اڳاڙي ج اڳاڙيون (ث):** ت. اڳياڙي – گهوڙي کي ٻڌڻ لاءِ اڳئين پير جي رسي.

• **اڳانجهه:** صفت. [سن. اگاڌ] اٿاهه – عميق – اٻار. اجهاگ. اڳانجهو.

– **اڳانجهو ج اڳانجها:** ذ. صت. [سن] زور پريو – اڳتي وڌيل. اڳاتو. اڳرو. زياده. وٽندڙ – پسنديده. اونهو – عميق – اٻار – اٿاهه – اجهاگ "اڳ اڳانجهو نينهن، ٻانهيڙ بروچن ۾" (شاه).

• **اڳانهن، اڳانهنْ:** ث. [ف. اڳاهي] جاڻ – واقفيت – آگاهه. [سن. اگر = اڳ] (صفت) اڳري – زياده. (ظرف) اڳاهين. اڳيرو – اڳتي "ڪماڻه ڪڪن جي، آهي ڳالهه اڳانهه" (شاه).

• **اڳاٽي:** ظرف. اڳانهين. گهٽي – زياده "آب اڳاٽي ڏاکڙين تا جيمان جسر ڪدن" (شاه عنات).

• **اڳاٽي ڏاکڙين:** وڏين تڪليفن سان.

• **اڳاهه:** ذ. صفت. اڳوان. سردار. واڪاٽيل – ساراهيل "ابڙو اڳاهن ۾ پرجهلو باري" (شاه).

• **اڳاهون:** ظرف. اڳيرو – اڳتي. بريرو – پري – ڏور "آڻ اوراهون سيرين، وچ ۾ اڳاهون" (شاه).

• **اڳاهه ج اڳاهه اڳاڪ:** ذ. [سن. اُدگرْ] اوپر – اوسر.

• **اڳاءِ:** ظرف. اڳيان – اڳتي. ڏور.

• **اڳڻ:** ذ. صفت. [سن. اگڈ] تندرست – صحتمند. جگر پلو.

– **اڳڻ ج اڳڻ:** ذ. سٽڻ ٻڌڻ لاءِ سٽ جي رسي. اُبداڻي ۾ بيل پٽي – ازار بند – ناڙو.

– **اڳيان جو سنگ:** محاورو. ساهري گهر سان مائٽي.

– **اڳ جو ورُ:** محاورو. شادي، جي ذريعي مائٽيءَ جو رستو.
– **اڳ چوڑي ويهڻ:** همت هارڻ – گيدي ٽيڻ.
– **اڳ ڏروڪ ي ويهڻ:** گيدي ٽيڻ – همت هارڻ.
– **اڳ وڌيڪ ج اڳ وڌيڪون:** ن. اڳئتي.
• **اڳ ڪُهڪا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اڳ ڪَنُ:** ن. [سن. اد ڪَنُ] اڳَ ڪَنُ. اڳهه – اڳهڙ – اڳهاڙ.
• **اڳر ج اڳر (ل):** ذ. [سن. اڳڙ] اڳ – اڳند – صحن – ايوان – اڳر.
– **اڳرڇوهو ج اڳر ڇوها:** ذ.صفت. وڃ ٽپڻو – وڃ ۾ ٽپي پوندڙ.
• **اڳرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اڳر ڏڳر:** ذ.اڳر ڏڳر – هڏ موڙي – گهر تڙ.
– **اڳر ڏڳر ناس ڪرڻ:** سڀڪجهه ڇڏ ڪرڻ.
• **اڳرڻ:** مصدر. [سن. اڳرْس] گهڻ – گهڻي وڃڻ. (اڳريو – اڳرندو – اڳريل).
• **اڳرو ج اڳرا:** ذ. صفت. [سن. اڳر] جلدباز – ٽڪرو. وڌيڪ – زياده ـ سرس "گوهر غيرت اڳرو راول ريسارو" (گرهوڙي). مقدم – مٿاهون. اڳي – اڳيان. بهتر – سنو – عمدو "ڏسڻ ڏڪان اڳرو سسئي آڻ مَ شڪ" (شاه). زيادتي ڪندڙ. پيشقدمي ڪندڙ. (ث) اڳري ج اڳريون.
– **اڳراڻي ج اڳراڻيون، اڳرايون:** ث. پيشقدمي – چڙهتي. زيادتي. عمدگي "اڳ اڳراڻي جو ڪري، خطا سو ڪائي" (شاه).
– **اڳراڻي ڪرڻ:** زيادتي ڪرڻ. چڙهت ڪرڻ – پيشقدمي ڪرڻ. جهيڙي جو بنياد وجهڻ.
– **اڳرو ٿيڻ:** پيشقدمي ڪرڻ – اڳراڻي ڪرڻ.
• **اڳرو ج اڳرا (ڪ):** ذ. صفت. اڳرو – بي سواد – ڏ وٽندڙ.
• **اڳرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو. فقير يوسف نانڪ جي درگاهه وارو گوٺ.
• **اڳرُ پچاڙ:** ث. اڳ پٺ – اڳياڙي پچاڙي.
• **اڳڙڻ:** مصدر. [سن. اڏْڳرهڻ] وصول ٽيڻ. گڏ ٽيڻ. ڪپڙي جي رنگ يا ميراڻ جو پاڻي ۽ ٻي شيءِ لهڻ. (اڳڙيو – اڳڙندو – اڳڙيل).
• **اڳڙو ج اڳڙا:** ذ. [سن. اڻڪ + ڙ] ڪپڙي جو ڪجهه وڏو ٽڪر. گدي، جي گندي.
– **اڳڙا ڏِکڙا، ڏکڙا:** ذ. ڪپڙي جا ٽڪرا. سٽ يا پرت پرڻ جو سامان. ٽپڙ ٽاڙي.
– **اڳڙي ج اڳڙيون:** ث. ڪپڙي جو ڦاڙل ٽڪرو – ٽڪڙي. ڇٽي. ليڙ ـ لِينگهه. چندي. ڪپڙي جو ٽڪر.
– **اڳڙيارو ج اڳڙيارا:** ذ.صفت. اڳڙين وارو – اڳڙين لڳل. چنل – ڦاڙل. اڳڙين ٽڪڙين مان سيبل ڪپڙا پائيندڙ. ڇٽين لڳل ڪپڙا پائيندڙ. اڳڙين جو.
– **اڳڙياڻون ج اڳڙياڻون:** ذ. صفت. اڳڙين وارو – اڳڙين جو. ڇٽين لڳل – ڇٽين وارو.
– **اڳڙيون ج اڳڙيون:** ث. [سن. اگري + ڪٽ. اناڳَنڪَٽَرْ] پيشينگوئي – ايندڙ واقعي جي خبر.
– **اڳڪٿي ڪرڻ:** پيشينگوئي ڪرڻ – اڳوات اهڃاڻ ٻڌائڻ.
• **اڳلو ج اڳلا:** ذ.صفت. [سن. اگرَه] اڳيون – اڳاڪو – اڳوڻو. بي، ذر وارو. [سن. اڪْهلا] گنهگار. خراب – بڇڙو – بدڪار – ڪميڻو (ث) اڳلي ج اڳليون "اڇيو اڇيو اڳلي، جئي ليلان کي لوڪ" (شاه).
• **اڳڻ (ث):** مصدر. [سن. اڏْگمْ] اهڻ – آسرڻ – سلو ڪيڻ. جمڻ – پيدا ٽيڻ.
• **اڳڻت:** ن. صفت. [سن. اڪْڻتَ] بيشمار – ڳڻڻ کان وڌيڪ – ڳڻت کان ٻاهر.
• **اڳڻيو ج اڳڻيا:** ذ. صفت. بيشمار – بي حساب – ڳڻڻ کان وڌيڪ.
• **اڳو:** ذ. [سن. اڳْر] سامهون – اڳيون پاسو. اڳ – شروعات. اڳ – اڳيان.
– **اڳو ونڻ:** اڳ وڻڻ – سامهون ڦري اچڻ.
• **اڳواڙو ج اڳواڙا:** ذ. [سن. اڳْر واڏ] اڳڻ – اڳند – صحن – ايوان.
• **اڳوان، اڳوانُ ج اڳوان، اڳواڻ:** ذ. [سن. اڳْرياڻ، اڳْرِڻي] مهندار – سردار – قائد – رهبر. سونهون – پيشوا "آ" آرياڻي اڳواڻ. در وڃڻ مناسب ناهي" (مولود).
– **اڳواڻي:** ث. صفت. [سن. اڳْرگامن. اڳڪاني] رهبري – پيشوائي.
• **اڳواهي، اڳوائي:** ث. [ه. اگ: سن. اڳْني = ٻاڻ] وڏي ٻاهه – مُڇ.
• **اڳواهيو ج اڳواهيا:** ذ. اڳتي ٽيل – اڳتي ڪريل – اڳتي جهڪيل (ٻار).
• **اڳوتر:** ث. آخرت – عاقبت.
• **اڳوتراڻي:** ث. اڳراڻي – چيڙ – ڇڙ – ڇرچ.
• **اڳوترو ج اڳوترا:** ذ. صفت. اڳراڻي ڪندڙ – اڳرو. وڃ ۾ ٽپي پوندڙ. بي ادب.
– **اڳوترو اچڻ (ث):** اڳراڻي ڪرڻ. اڳڪٿي ڪرڻ.

• **اَڳوڻُ ج اَڳوڻَ (ڪ)**: ذ. اُٺ جو گوريند - جنوئي (ٿ). اُٺ جو رسو يا ڳٽيل پٽو (پاڪزي) ڪي مضبوط جهلڻ لاءِ.

• **اَڳوڻِي ج اَڳوڻِيُون (ڪ)**: ٿ. ڳُنجَ (ڪُنجري) هڪ ٻي پيري - يڪي گهمري - ساڳئي وقت. ٻئي ڪر سان گڏ. هيڪاندو - يڪوئي. هاڻي ٻئي - يڪدم آيو پايو - همينه لاءِ.

• **اَڳوچاڻِي ج اَڳوچاڻِيُون (ل)**: ٿ. ماڻيءَ جي مٿان رکڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر. اَڳوچڻِي (ڪ) - ٻَنڌڻو (ل).

• **اَڳوچڻِي ج اَڳوچڻِيُون (ڪ)**: ٿ. قرآن شريف يا ڪتاب ويڑهي رکڻ لاءِ ڪپڙي جي ٻوٽري. ماڻيءَ تي رکڻ لاءِ ڪپڙو - ٻَنڌڻو (ل).

• **اَڳ وَڏو ج اَڳ وَڏا**: ذ. صفت. سردار - مهندار - پيشوا.

• **اَڳَ وڌي (ڪ)**: ظرف. اڳيرو - ٽورو اڳيان.

• **اَڳ وڌائِي ج اَڳ وڌائِيُون**: ٿ. [سن. اَڳ = اڳ + وڌائي] ٽورو اڳيرو وڌڻ جي حالت. استقبال - اڳيان - اڳوڙپاڻ.

• **اَڳو سَڳو ج اَڳا سَڳا**: ذ. [سن. اڳو + سَڳوتر] مٽ مائٽ - ويجهو عزيز.

• **اَڳوتو ج اَڳوتا**: صفت. [سن. اَڳْرمْ] اڳ جو - اڳاتو. اڳيون. قديم. اَول.

- **اَڳوتائِي**: ٿ. اڳوتڪائي - اڳوٽپائي. اَوليّت - تقديم. قدامت - سابقيت.

- **اَڳوتڪائِي**: ظرف. اڳوتائي - اَوليّت. تقديم.

- **اَڳوتڪو ج اَڳوتڪا**: ظرف. اڳوتو - اڳاتو. گذريل. پراڻو - قديم.

- **اَڳوٽِي ج اَڳوٽِيُون**: ظرف. اڳاڻي - اڳ جي - اڳين. پراڻي. گذريل.

• **اَڳوهيو**: ذ. صفت. [ويدڪ. اَگوهَيَه] جو لِکائي يا ڏِکي نه سگهجي - روشن - ظاهر.

• **اَڳوڻو ج اَڳوڻا**: ذ. [هـ. اڳوا: سن. اگْر] اڳوان - سونهون. رهبر - سردار. پانڌيڙو - قاصد.

• **اَڳهَ**: ظرف. [سن. اَگْر] اڳ - اول - اڳوات.

• **اَڳهر اَڳهڙ، اَڳهوڙ، اَڳهوڙي، (ل)**: ظرف. ٽورو اڳ - ٽورو وقت اڳ ۾.

• **اَڳهر دل**: ظرف. اڳي ڪان شروع ڪان - ازل ڪان - اصل ڪان.

• **اَڳهُن (ٿ)**: ظرف. هن ڪان اڳ - سويرو - اڳي.

• **اَڳهُنُ، اَڳوهُنُ**: مصدر. [سن. اُدگَمن] سج يا چند جو اُڀرڻ - طلوع ٿيڻ. (اَڳهيو - اَڳهندو - اَڳهيل).

• **اَڳهڻو (ل)**: ظرف. [سن. اگْر] اڳهرو - ٽورو وقت اڳ.

• **اَڳهُونُ**: ظرف. سويل - ٽورو اڳ ۾. اڳتي.

• **اَڳهيُن**: ظرف. اڳ ۾ ئي - اڳوات. ڏريان - منڊان - اصل ۾. اصل ڪان (جڏهن ڪان خلقيو ويو) - ازل ڪان.

• **اَڳهيو**: ذ. ايرندو ظرف.

• **اَڳوَ ج اَڳَڙا**: ذ. [هـ اَڳوا] اڳوان - سونهون - رهبر. سردار + پانڌيڙو - قاصد - نياپو ڏيندڙ. بوراڻو - اڳوڻو.

• **اڳي**: ظرف. [سن. اَگْر] اڳ ۾ - اول - پهريائين هن ڪان اڳ - مهندڙ آئندو. ازل ڪان - اول ڪان - اصل ڪان "سهڻيءَ جا سينگار اڻ لکيا اڳي هٿا" (شاهه). اڳي ئي - پهريائين. اڳتي - اڳيرو. گذريل وقت.

- **اڳي اُڃڻ**: اڳ اڃڻ. اڳيان اڃڻ - مهندان اڃڻ. استقبال لاءِ اڃڻ. آڏرياءُ ڪرڻ - آجيان ڪرڻ.

- **اڳي پوءِ**: ظرف. هر حال ۾. آخرڪار - نيٺ - نيڻان نيٺ - پويان پوءِ.

- **اڳي ڪان اڳرو**: محاورو. پهريان ڪان وڌ. اڳي ڪان بهتر.

• **اڳياڻ ج اڳياڻَ**: ذ. هُرلي يا نار جي هڪ ڪائي - پاروني ۽ جي جهل - اڳڙياڻ.

• **اڳيارَ ج اڳيارَ (ڪ)**: ذ. ڏراڙ جو عيوضي. جاڪڙ.

• **اڳيارِي ج اڳيارِيُون**: ٿ. [سن. اَگْر + واري] اڳيون حصو - اڳ وارو حصو. مَنڊ - ابتدا. گهوڙي ڪي قابو ڪرڻ لاءِ اڳين ۽ جنگهه وارو رَسو.

• **اڳياڪاري**: ذ. صفت. [سن. اڳيا + ڪاري] چٽيوائ - چيو مڃيندڙ - فرمانبردار. حُڪم جي پيروي ڪندڙ.

• **اڳيانُ**: ظرف. [سن. اَگْر] اڳ ۾ - سامهون - مهندان. مقابل - آڏو - روبرو.

• **اڳيان**: ظرف. اڳي. پهرين. آئندو. بعد. اڳتي. (صفت) اڳ ۾ گذاري ويل - ابا ڏاڏا - پيش رو - اڳواڻ "اڳين جون آکيون ڪوئر ڪيلي ۾ موکيرن" (شاهه).

• **اڳيان آڻڻ**: سامهون آڻڻ. پيش ڪرڻ. اڳيان رکڻ. حاضر ڪرڻ.

- **اڳيان اُڃڻ**: سامهون اُڃڻ آڏو اُڃڻ. ڪنهن ڪر ۾ رندڪ وجهڻ. مقابلو ڪرڻ.

- **اڳيان ڪرڻ**: اڳ ۾ ڪرڻ - سامهون ڪرڻ. پيش ڪرڻ. وڙهڻ لاءِ ڪڙو ڪرڻ. رهبريءَ لاءِ آڏو ڪرڻ.

• **اڳيان ٽيڻ**: سامهون ٽيڻ. مقابلو ڪرڻ. وڙي وڃڻ.

• **اڳيان رکڻ**: سامهون رکڻ. پيش ڪرڻ. نذر ڪرڻ.

• **اڳيان نڪري وڃڻ**: اڳتي وڌي وڃڻ - سبقت حاصل ڪرڻ.

• **اڳيان هلڻ**: وڌي هلڻ. رڪ وڌائي هلڻ. رهنمائي ڪرڻ. اڳواڻي ڪرڻ.

• **اڳياءُ**: ظرف. مهندان - روبرو.

• **اَڳيچي ج اَڳيچِيُون (ل)**: ٿ. ماڻيءَ کي رکڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر - ٻَنڌڻو.

• **اڳيتر**: ظرف. [سن. اَگْر] ٽورو وقت اڳ ۾ - اڳهرو. اڳئين ڏينهن.

• **اڇيرائون، اڇيرڙو:** ظرف. ٿورو وقت اڳ ۾. ٿورو اڳيرو.
• **اڇيلي ج اڇيليون:** ث. [سن. اڇر = اڳ] پيڙيءَ جي اڳ واري ٻڪ جو ڏڪ ۽ ڦالڪو ـ ٽوڻڪ.
• **اڇين ج اڇيون:** صفت. [سن] هن کان پهرين (زال). شروع واري ـ منڊ واري. اڳيتي. (ث) ٻن مڙهن مان پهرين مڙهه. ظهر جي نماز. مال جي قطار ۾ اڳيان هلندڙ چوپائي. اڇين.
• **اڇين:** صفت. اصلوڪي. هميشه واري. اڳي جهڙي.
• **اڇيون ج اڇيان:** ذ. صفت. [سن. اڇر] پهريون ـ اڳوارو. اڳاڪو ـ قديم ـ گذريل ـ پراڇين. مُنڊ وارو "اڇيان اڌين وت. پوين سر سانباهيا" (شاهه). (ث) اڇين ج اڇيون.
• **اڇيون:** صفت. اصلوڪو. هميشه وارو. اڳي جهڙو. ايندڙ. آئيندو ـ مستقبل وارو. اڳتي. گذريل. اڳواڻ ـ سردار.
• **اڇيون پويون:** ظرف. پهريون ۽ پڇاڙيءَ وارو. سمورو (حساب ڪتاب).
ـ **اڇيون پويون وساري ڇڏڻ:** سڀ ڪجهه ڇڏي ڏيڻ. صفا معاف ڪرڻ.
• **اڇيون ڳالهيون:** ث. گذريل وقت جون ڳالهيون. پراڻيون ڳالهيون.
• **اڇيون وقت:** ذ. گذريل وقت. پويون زمانو. پراڻو دور.
• **اڇي ٿي:** ظرف. [سن. اڇرت = اڳ] اڳ ۾ ٿي ـ اصل کان وٺي. پهريائين. اڳهين.
ـ **اڇي ٿي سون هُٽ:** جمندي جام هٽ. اصل کان پاڪ صاف هٽ.
• **اڇيٺي:** ث. گاهه جو هڪ قسم (جيڪو عورتون کيرجا ڪنا ساڻ لاءِ ڪرآڻين).
• **اڇهَ ج اڇهَ:** ذ. [سن. اڙگھ. پرا. اڇهَ: فـ. اَرج] بها ـ مُلهه ـ نرخ ـ پيمانه. مان ـ **اڇهَ پاڙ ج اڇهَ پاڙ:** ذ. نرخ. بها ـ قيمت.
ـ **اڇهَ پاڙ ٻڌڻ:** قيمت پڄڻ ـ نرخ پڄڻ.
ـ **اڇهَ پوڻ:** اڇهه ٿيڻ ـ قدر ٿيڻ. مُلهه ٿيڻ.
ـ **اڇهَ ڇڏائڻ:** تعدي ڪرڻ ـ ڇُٽ ڪرڻ. ملامت ڪرڻ ـ جت ڦٽ ڪرڻ. سخت بي عزتي ڪرڻ.
ـ **اڇهَ ڪَڍڻ:** اڇهوتري نهرائڻ. مُلهه ڪرڻ.
ـ **اڇهَ ڪرڻ:** مُلهه ڪرڻ ـ مهانگو ٿيڻ. آبرو وارو ٿيڻ. هندن ۾ هڪ قرمي رسم طور خيرات ڪرڻ. ڇُٽ ڪرڻ.
ـ **اڇهه ڪسيري جو ٿيڻ:** بلڪل مهانگو ٿيڻ ـ گهٽتو سستو ٿيڻ. مان گهٽجڻ ـ بي مانو ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.
ـ **اڇهه ڪٽيو ڪائڻ:** شين جا اڇهه چاڙهي وڪڻڻ.
ـ **اڇهه مُڌا پائڻ:** بحث ڪرڻ. حجتون هلائڻ ـ بي ادب ٿيڻ.
• **اڇهَ ج اڇهُون:** ث. [سن. اَڪَش] اڇهه جي حالت ـ صفائي. پاڙ (ث).
• **اڇهَ سُڇهَ:** ث. اوگهه سوگهه. صفائي. ديگڙي وغيره مان صفا ڪري ڪڍيل ڪاڏو ـ روڙ سوڙ ـ بچت سڇت اوبر سوبر.
ـ **اڇهه وڃڻ (ث):** گم ٿيڻ ـ پاڙ پٽجڻ.
• **اڇهاتو ج اڇهاتا (ت):** ذ. صفت. سڪيلڙو ـ لاڏلو ـ پياروَ.
• **اڇهارَ ج اڇهارون:** ث. [سن] هيڄ ـ لاڄ.
ـ **اڇهاري ج اڇهاري:** ذ. صفت. هيڄي ـ لاڄي.
• **اڇهاڙڻ:** مصدر. [سن. اڌ گهٽ] اڇهاڙو ڪرڻ ـ نانگو ڪرڻ. عيب ظاهر ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ ـ بيڄڙو ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ "هيڙي تان نه هُياس. پر عشق اڇهاڙيس جيڏيون" (شاهه) (اڇهاڙيو ـ اڇهاڙيندو ـ اڇهاڙيل).
ـ **اڇهاڙ ج اڇهاڙون:** ث. مصدر. "اڇهاڙڻ" مان اسم. اوگهڙ ـ ننگائي. اُپٽ. بي پردگي. ننگ ـ شرم "آدبون ور اڇهاڙ. رهاءُ جنهن وساريو" (شاهه).
ـ **اڇهاڙائي ج اڇهاڙايون:** ث. ننگائي ـ عرياني.
ـ **اڇهاڙَٻ ج اڇهاڙَٻون:** ث. اڇهاڙائي ـ عرياني.
• **اڇهاڙو ج اڇهاڙا:** ذ. صفت. [سن. اڌگهٽ] بنا ڪپڙن جي ـ اَڌ ڍڪيل. ننگو ـ عُريان. بيحيا بدافعال ـ بد چال. (ث) اڇهاڙي ج اڇهاڙيون.
ـ **اڇهاڙي ڦرار:** محاورو. سڄ چوندڙ ـ مُنهن تي ٻڌائيندڙ. وات ڦاٽوڙو.
ـ **اڇهاڙي ڪُني:** محاورو. لاوارث ـ نڌڻڪو. سُڃو ـ غريب ـ مفلس.
ـ **اڇهاڙي پيرين ڪيڏ:** سُڃر ڪري ڪيڏ ـ سپڪڇهه ڦري ڪيڏي ڇڏڻ. بڪدم لوڏي ڪيڏڻ.
• **اڇهاڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اڇهامي:** ث. [ملتاني] نار کي زمين کان مٿي ڪٽڻ جو اسباب.
• **اڇهاماڻو:** اسم خاص. تعلقي ماڻليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ستڌ جي قديم شهر "اڇهر ڪوٽ" واريءَ جاءِ تي آباد ٿيل ڳوٺ جتي بزرگ مخدوم محمد اسماعيل سومري جي مزار آهي.
• **اڇهاماڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اڇهامڻ:** مصدر. [سن. اَرگهه] قبول پوڻ ـ منظور ٿيڻ ـ پسند اچڻ. مُلهه ٿيڻ. وڪامڻ (اڇهاميو ـ اڇهامندو ـ اڇهاميل).
ـ **اڇهامجڻ:** مصدر "اڇهامڻ" مان فعل مجهول. قبول پوڻ ـ منظور ٿيڻ. اڇهه ٿيڻ ـ مُلهه ٿيڻ.
• **اڇهائڻ:** مصدر. [سن. اَرگهه] قبول ڪرڻ ـ منظور ڪرڻ "وس ويچاريءَ ناهه ڪو. ٿون آڪا عرض اڇهاءِ" (شاهه). وڪڻي ڇڏڻ ـ نيڪال ڪرڻ. اڇهه ٿيڻ. (اڇهايو ـ اڇهائيندو ـ اڇهايل).
• **اڇهائجڻ:** مصدر "اڇهائڻ" مان فعل مجهول. اڇهامجڻ ـ قبول پوڻ

– منظور ٿيڻ.
– **اَگهائتو:** ذ. صفت. اَگهه سان – اَگهه کيل – سکيلڏو – لاڏلو – پياروَ
• **اَگهاڻ:** مصدر. "اَگهڻ" مان متعدي بالواسطه. [سن. اُدْگهرْشڻ] صاف کرائڻ – چند ڦوڪ کرائڻ. (اَگهايو – اَگهائيندو – اَگهائيل).
• **اَگهاڻِ ج اَگهاڻيون:** ث. بيماري – ناچاکائي – سُکالائي – ناچگپلائي. رنج – تکليف – درد – ڏک – سور. هيٺائي "اَگهي اَگهاڻي. رَنج پريان کي رسيو" (شاهه).
• **اَگهاڻي سگهائي:** ث. تندرستي ۽ بيماري. چڱائي لڳائي
• **اَگهاڻي پُڄڻ (ٿ):** چڱيءَ طرح پُڄڻ – ناهي ٽوڪي پُڄڻ.
• **اَگهَٽ:** ث. [سن. اُدْگهَتْ] اوگهڙ – پڌرائي. بدنامي – خواري – شهرت "آٽڻ منجهه اَگهَٽ. شل کائڻ کنهن جي مَ ڪري" (شاهه).
• **اَگهَڻ:** مصدر. [سن. وياگهاتْ] روڪڻ – رندڻ. جهلڻ – گهُٽڻ. (اَگهٽيو – اَگهٽيندو – اَگهٽيل).
• **اَگهجڻ:** فعل مجهول. اَگهه ٿيڻ. وڪامجڻ. قبول پوڻ. پسند ٿيڻ. (اَگهيو – اَگهبو – اَگهيل).
– **اَگهَٽ:** ث. روڪ – رَندڪ – رُڪاوٽ – منع. گهُٽ. رُگهَ – اوگهَر – ٽيڙ. گهٽائي. پيهت.
– **اَگهَٽجڻ:** مصدر "اَگهَٽڻ" مان فعل مجهول. روڪجڻ – رندجڻ. گهٽجڻ "انهي تر اَگهٽيا. آڏي پائي آڻ" (شاهه).
• **اَگهَڻ:** مصدر. [سن. اُدْ گهرْش] اَگهڻ – صاف کرڻ "ڏنن اَتان رت ڏوَا. علي‌ءَ ٿي اَگهڻاس" (اَگهڻيو – اَگهڻيندو – اَگهڻيل).
• **اَگهَرُ:** ذ.صفت. [اَ + گهَر] جنهن کي گهر نه هجي – بي گهرو. رولو. تارک.
– **اَگهَرو ج اَگهَرا:** ذ. صفت. بنا گهر – بي گهَر.
• **اَگهرائي ج اَگهرائيون (ٿه ل):** ث. اوڏر. اُڀاڙي – اوڇڙ – وصولي. قرض. رَکت – رَهت (ل).
• **اَگهرجو ج اَگهرجا:** [اَ + گهرجَ] نه گهربل. غيرضروري. بيسود – بيڪدو – اَجايو – نڪمو.
• **اَگهڙڻ:** مصدر. [سن. اُدگهَٽن] اَگهاڙو ٿيڻ. اوگهڙ ٿيڻ. برهنه لاهڻ. پڌرو ٿيڻ – کلڻ. (اوگهڙيو – اَگهڙندو – اَگهڙيل).
– **اَگهڙ ج اَگهڙون:** ث. اوگهڙ – ننگائي – عرياني – اگهاڙپ "اَگهڙ اوڏا ڪاپڙي. ستر تان نه سهن" (شاهه).
• **اَگهَڻ ج اَگهَڻون (ٿه ل):** ث. وَٽان. کان باهر مال جي ويهڻ جي جاءِ.
• **اَگهلڻ:** مصدر. راز ظاهر کرڻ. اَلتي کرڻ. وَڌڻ – نڪرڻ – ڦٽڻ (سلو). بيپرواه ٿيڻ – بيدپو ٿيڻ. (اَگهليو – اَگهلندو – اَگهليل).
– **اَگهلجڻ:** مصدر. "اَگهلڻ" مان فعل مجهول. بي پرواهيءَ سان ڳالهائڻ –
ڪلي ڳالهائڻ. رنگ ۾ ڇهرو ٿيڻ. صاف ٿيڻ.
– **اَگهلي پوڻ:** ڳالهائڻ ۾ جلڪڻ – گهٽو ڳالهائڻ. اوچتو ڪلي پوَڻ. اٽلي پوڻ.
• **اَگهلو ج اَگهلا:** ذ. صفت. [سن. اَگهال = گنهگار] آگلو – گدلو. گندو – ڪنو. ميرو.
• **اَگهَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَگهَرُ ج اَگهَرَ:** ذ. [سن. اَ + گهَرْم] گهُٽ – اَڳر – گرمي. سائوڻ جي مند ۾ مينهن پوڻ کان اڳ هوا جي گهُٽ.
• **اَگهَنُ:** ذ. صفت. هلڪي طبيعت وارو – ترڙو – سفلو.
• **اَگهَنُ:** مصدر. [سن. اَرْگهـ] اَگهامڻ – قبول پوَڻ. قدر ٿيڻ "اَگهيو ڪائر ڪچ. مائڪن موٽ ٿي" (شاهه). (اَگهيو – اَگهندو – اَگهيل).
• **اَگهَنُ:** مصدر. [سن. اُدْگهرْشَنَ] صفا ڪرڻ. مهٽڻ – مَر لاهڻ. پائي‌ءَ ڪانسواءِ ڪنهن بي‌ءَ شيءِ سان صاف ڪرڻ. (اَگهيو – اَگهندو – اَگهيل).
– **اَگهٽو ج اَگهٽا:** ذ. اَگهڻ جي شيءِ (ڪپڙو ٽوال وغيره).
– **اَگهي آڻ:** ٽان، خالي ڪري آڻ – سپ ڪائي آڻ. صفا ڪري ڪڍو ٿيڻ.
– **اَگهي ڇڏڻ:** صفا ڪري ڇڏڻ. ڦري ناس ڪرڻ – پينگيو ڪرڻ.
• **اَگهو ج اَگها:** ذ. صفت. [سن. اَشْكُتَ] اَڻ سگهو – ناچاڪ – بيمزي. بيمار – مريض. هيٺو – ڪمزور.
• **اَگهوسگهو:** صفت. جنهن به حالت ۾ هجي، بيمار هجي يا چڱو پلو.
• **اَگهوٽر:** ث. اونداهه.
• **اَگهوتري ج اَگهوترِيُون:** ث. [سن. اَرْگهـ] جنسن جي ياداشت – اَگهن جي فهرست – نرخنامو.
• **اَگهوجَرُ:** ذ. صفت. بي انتها (پاڻي). اها جاءِ جت سپ ڪجهه موجود هجي "سيوا ڪر سموند جي. جت اَگهوجر آهي" (شاهه) اَگوجَرُ.
• **اَگهورُ:** ذ. صفت. [سن. اَ + گهورَ] اهو جو گهوري (گولي) نه سگهجي. (مجازاً) گهَرو – اُرنهو – عميق "گهوريندي گهُور پيا. اَگهور گهوريائون". خوفناڪ سمنڊ يا ڪُن. (اسم خاص) لکي شاهه صدر (تعلقو ڪوٽڙي) تي لڏي چشمي جو نالو. بلوچستان ۾ هاڙهي جبل جي ريجهو هڪ نديءَ جو نالو.
– **اَگهوريٽو:** ذ. هيڻو – لالچ. گدلائي.
– **اَگهُورَ ننڊ:** ث. خوفناڪ ننڊ – تمام گهري ننڊ – بيهوشيءَ جي ننڊ.
• **اَگهوري:** صفت. "اَگهور پنٿ" جو فقير. (مجازاً) پليت – ناپاڪ.

• **اَکھوڑِ ج اَکھوڑیُون:** ث. پلان يا پاکڙي جي هر هڪ پاسي کان ڪمان جهڙي ڪاٺي.

• **اَکھِي ج اَکھِيون:** ث. صفت. "اَکھو" جو مونٿ. بيمار – مريض (عورت). اَپري – جَڏي – ضعيف. جيت جو هڪ قسم.

• **اَکھِيهُ (ث):** ذ. ڏانگ جو هڪ قسم

• **اَکھِيرُ ج اَکھِيڑ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + کھير] وڏي کھيري وارو. اونهو.

– **اَکھِيري:** ذ. وڏي کھيري وارو. وڏو کھيرو ڪندڙ.

• **اَکھِيڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَکھِيڙائِي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَکُ ج اَکَ:** ذ. [سن. اَکْ] اَنکَ – عضوو – بدن جو حصو. (مجازاً) وجود – من – دل "عاشقن ٻنهنجو اَکُ. اَللهَ کارڻ وڏيو" (شاهه).

– **اَکُ ڪَرڻ (ڪ):** عضوا وڏي جدا ڪرڻ – هڏ سڏڻ کان وڏڻ. پاڳا ڪرڻ – حصا ڪرڻ.

• **اَکَارُ ج اَکَارَ:** ذ. [سن. اَکْگارَ] اَگرُ – ڪوئلو. تاندو.

– **اَکَارِيو ج اَکَارِيا:** ذ. صفت. اَگر سازيندڙ يا اَگر ٺاهيندڙ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **اَکَارُو ج اَکَارا:** ذ. [سن. اَنگارَکَ – وارَ] سومر کان پوءِ ايندڙ ڏينهن – منگلوار.

• **اَکَارِي ج اَکَارِيُون:** ث. ووٽن جي پرک جي هڪ بيماري. مهارن جي سوڄ. مال جي ٽڻن جي هڪ بيماري. بدهاضمو ۽ چار اوگرائي. ڪاٽي (جوئر جي سنگ جو مرض). آگَرُ ويڙهو – ٽُنهَن – ڏَرَ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڳاڙهي ۽ واڱڻائي رنگ جو. ڏيڍ فوٽ ڪن ڏڪهن رَس پريل).

• **اَگَرُ ج اَگَر:** ذ. اَگار – وسايل تاندو.

– **اَگَر پَٽَرِ ٽِين:** ڪجهه به ڪين ٿيڻ. صفا چٽ ٿي وڃڻ. برباد ٿيڻ.

• **اَگَرَ اَگَرُو ج اَگَرا، اَگَرُا:** ذ. [سن. اَنگ] عضوو. لِڳ. بدن جو حصو "ڏٺ ڪاٽي. وَڍِ اَگَرا. اَدب ڪرمَ ڪوءِ" (شاهه).

• **اَگَنُ ج اَگَنَ:** ذ. [سن. اَنگَن] صحن – اَگر – اَڱڻ. گهرجو احاطو. اڳيل – پڏر.

• **اَگَنُ** – **اَڏَرُ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم. پسارڪو وڪر (پٽري کي ڳاري).

• **اَلْ:** ث. [ع] "اسم معرفہ" جي نشاني.

• **ال:** حرف تنڪير. [ع] اسم ۽ صفت سان گڏ مرڪب لفظن جي منڊ ۽ وچ ۾ اجي خاص معنيٰ ڏيندڙ لفظ، جيئن "الاحد، الآخر، البصير وغيره".

• **ال:** ذ. اڻ سرندڙ نندڙا ٻچا "ال الپيهران سرا، نين تہ نرگس نوند" (جلال ڪتي).

• **ال – رپ:** ذ. [ال = پوئر + رب = آفت] پوئر جي آفت يعني ڪنول گل (جنهن تي پوئر ويهي تہ گل ٻوٽجي وڃي) "ال رب ادب ۾ ايا. ان رب آب نہ ٿوءِ" (جلال ڪتي).

– **اَلْاَمانُ:** ندا. (يا رب) پناهہ رحمرا امنا.

– **اَلْحاصِلُ:** ظرف. القصّہ – مطلب تہ – حاصل مراد.

– **اَلْحالُ:** ظرف. في الحال – هن وقت – هينئر "آرپائي الحال. ڪندو غور غريب جو" (سجل).

• **الحذر:** ندا. پناه. امان.

• **الحفيظ:** ندا. خدا جي پناه.

• **الحفيظ والايمان:** ندا. خدا جي پناه ۽ امن ۾.

– **اَلْحَقُّ:** ذ. تحقيق – سچ.

– **اَلْراقِم:** ذ. صفت. لکندڙ.

– **اَلْعَبدُ:** ذ. صفت. ٻانهو – نوڪر – غلام.

– **اَلْغَرَضُ:** ظرف. حاصل مطلب – قصو ڪوتاهہ. نيٺ – آخرڪار.

– **اَلْغِياثُ:** ندا. فرياد – دانهن – پڪار. انصاف.

– **اَلْفِراقُ:** ذ. وڇوڙو – فرقت – جدائي "الفراق أشدّمن الموت = وڇوڙو موت کان بہ وڌيڪ سخت آهي".

– **اَلْقِصّہ:** ظرف. قصو ڪوتاهہ. مطلب تہ – حاصل مطلب.

– **اَلْ ج اَلْون:** ث. عيب – وڏ "ڪا مونهين ۾ اَلْ. تہ تہ سڄڻ سڀاجها گهٽو" (شاهه). رندڪ – منع. جڙ – ترڪ عادت.

– **اَلْ وجهڻ:** رندڪ وجهڻ – روڪ ڪرڻ – اٽڪ وجهڻ. قطع تعلقات ڪرڻ – ناتا ترڙي ڇڏڻ. جوپايو مال ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏڻ (ل).

• **اَلْ ج اَلْ:** ذ. بيوقوف – اڻ آزمودگار. ڪاڻ. جو ٻچو. سرخ گهوڙو. مڇيءَ جو هڪ قسم.

– **اَلْ اُڏارڻ:** ڪاڻ جا ٻچا اُڏارڻ. اَڻ آزمود گارن يا ڪمزورن کي شڪست ڏيڻ. بيوقوفن کي پڇائڻ. ٻاراڻا ڪم ڪرڻ. چريائيءَ جا ڪم ڪرڻ.

– **اَلْ ڪانُ:** ذ. ڪاڻ جو ٻچو. چريو – بيوقوف – اَڻوجهہ. اڻ آزمود گار – سيکڙات.

• **اَلا:** حرف ندا. [ع. "اَللهُ" جو مخفف] اَللهُ جو قسم! شال – ڪاش! افسوس!

– **اَلااَلا ڪَرڻ:** اَللهُ اَللهُ ڪرڻ – اللہ کي ياد ڪرڻ. دنيا جا ڏندا يا ڪتراڳ ڇڏي ڏيڻ.

– **اَلابَلا:** ث. سڀ ڪجهہ. خراب شيءِ. مصيبت – ايڙا پيڙا.

• **الابندي:** اسم خاص. [علاؤالدين > الاوندي > الابندي] علاؤالدين جو آڳاٽو مقامي اچار "الابندي آڻيو. ڪاءِ جنهين سين ڪوڙ" (قطب شاه).

– **اَلاجي:** حرف ناڪار. (اَللهُ جي حوالي الاڇي – اللہ جاڻي – خبر ناهي. مبادا.

– **الاڙي:** حرف ندا. (الله + ڙي) خوف يا ڏک سبجان ڏيڻ کي ڪيل سڏ "يااللہ، او اللہ"

– **الاڻي:** حرف ناڪار. الاڇي – خدا جاڻي. الله ڪي علم. خبر نہ آهي. مبادا.

• **اِلاَّ:** حرف اسٽثناء [ع] ڪان سواءِ ۽ سواءِ. ڏاران. مگر – پر – ليڪن.

– **اِلاَّاللهُ:** ذ. ڪلمي طيبه جو اِثباتي پاڳو بمعنيٰ "سواءِ الله جي".

– **اِلاَّماشاءَاللهُ:** ظرف [ع. اِلاَّماشاءَاللهُ] ڪڏهين ڪڏهين – ورلي – قضا سان – اتفاقي – اوچتو.

• **اِلاَّچ اَلاَّيَـ:** ذ. [اَ = نہ + لاچ = فائدو] نقصان – چيهر – توتر "ڏک سک لاچ الاچ پر، رهي ثابوتي ساڻ" (سامي). (صفت) بيفائدو – بيسود – اجايو. نقصانڪار.

• **اَلاَڇون:** سڏ جون تواروں. ڪوڪارون.

• **اِلاڇو ج اِلاڇا:** ذ. ايلاڇي، جهڙي گل ٻوٽن سان ڪپڙو – ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **اِلاڇي ج اِلاڇيُون:** ث. [فـ اَلاڇي. اِلايچي] ننڍو قوتو. ڦوتو.

• **اِلاڇي خورد:** ث. ننڍا ڦوتا.

• **اِلاڇي ڪلان:** ث. وڏا ڦوتا (جيڪي گرم مصالحي ۾ ٿين).

• **اَلاڙ ج اَلاڙون (ل):** ث. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اچلڻ] هيٺ لاڙو – جهڪاءُ. بار جو هڪ پاسي جهڪاءُ – اوڌر. اَڌر – (ڏ) اولاڙ جي حالت.

• **اَلاڙ ج اَلاڙ (ل):** ذ. صفت. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اچلڻ] لڏيل بار جو لڏيل گهرو پاسو – اوڌر. لڏيل – جهڪيل.

• **اَلارا:** ڇوٽڙن.

• **اَلاڙڻ:** مصدر. [سن. اَوَ = هيٺ + لاڙ = اچلڻ] ڏ ڪ هڻڻ لاءِ هٿ مٿي ڪڍڻ – ڏ ڪ وارڻ – سَجَڙڻ. (الاريو – الاريندو – الاريل).

• **اَلاس:** ث. [سن. اَلَس = وڏ. مٿي] ڇڪ – سڪ – اڪير "جن جي هير اندر منجهه اَلاس. سي لاهوتي لنگهي ويا".

• **اَلاٿيو ج اَلاٿا (ل):** ذ. [ع. اِلْهابُ = ٻاهه پڙڪائڻ] ڇپي – ٻَلو – اَلو. جيرو – جرات – ڇَڇر. ڇوڇري – بريل ٻُندي. عشق جي آگ. [اَلاٿيو. اولاٿيو > اولاپو > اوپالو] اوپالو – ڏوراپو – مهٽو – عتاب – طعنو.

• **اَلاٽڪ ج اَلاٽڪُون (ث):** ث. [سن. اَلَنكهَ] اوچتو ٽپو. اورانگهه. ڪنهن شيءِ کي اورانگهي وڃڻ واري وک (ل).

• **اَلاڻ ج اَلاڻيُون (ث):** ث. صفت. ويجاري – نڏڪي.

• **اَلاڻڻ (ل):** مصدر. ڇيڪ ڇڏڻ – وهت کي چوڑي ڇڏڻ – ڪوبہ ڇوپايو ٻنا ڏراڙ جي چوڑي ڇڏڻ. (اَلاٽيو – اَلاٽيندو – اَلاٽيل).

• **اَلاڻڻ:** مصدر. [سن. اَتْ = مٿي + لوڏَنَ = لوڏڻ] ڪولڻ – جدا ڪرڻ. چوڑڻ – ڏور ڪرڻ. اوڪيلڻ. ڇڏي ڏيڻ. واندو ڪرڻ. ڏارڻ. ٻلاڻ يا پاڪڙو لاهڻ – ٽپڙي لاهڻ. آٽڻ ريڙهي رکڻ. (اَلاٽيو – اَلاٽيندو – اَلاٽيل).

• **اَلاڻو ج اَلاڻا:** ذ. [سن. اَتْ + لَوڏَن = لوڏڻ] الاڻو – لوڏر – اچل.

– **اَلاڻا ڏيڻ:** لوڏا ڏيڻ – اُچلون ڏيڻ. تڪليفون ڏيڻ "عشق اَلاڻا ڏنڙم. ٻيڄ ٻينگهي ۾ ٻيڙم" (سلطان شاهه).

• **اَلاڻو ج اَلاڻا:** ذ. صفت. اَلي ويندڙ – ڪرڙ ڪالهائيندڙ – جاڻي ٻجهي انڪار ڪندڙ.

• **اَلاڻڻ:** مصدر. [سن. اَلاپَن] اَلاپڻ. اَلاٽڻ – ڪالهائڻ.

• **اِلٰـهُ ج اِلٰـه:** ذ. [ع] خدا. ديوتا. معبود (جنهن جي عبادت ڪئي وڃي) "لا اِلٰـه – ڪلمي طيبه جو پهريون نفي ڪندڙ پاڳو يعني ناهي ڪو خدا" اِلا الله – مگر هڪ الله".

– **اِلاها:** حرف ندا. اي خدا! اي ڌڻي!

– **اِلاهِ بلاهِ ج اِلاهُون بلاهُون:** ث. منٽ ميڙ – آزي نيزاري.

– **اِلاهِڻ ج اِلاهِڻيُون:** ٿڌ قدرتي طور جاول ڪجي – اُها ڪجي جا بنا پوکڻ جي پيدا ٿئي.

– **اِلاهي ج اِلاهي:** صفت. تمام گهڻو – جهجهو – ڪوڙ. خدائي – خدا جي طرف ڪان "اي ڪر اِلاهي، نہ ته ڪنن ۾ ڪير گهڙي" (شاهه).

– **اِلاهي:** حرف ندا. يا اَللهُ! اي خدا!

• **اِلاهي آمين:** جملو. يا خدا، اڻين ٿي ٿئي.

– **اِلاهي تويتهَ:** جملو. يااللہ منهنجي توبهه آهي. يا اَللهُ پناهه ڏي.

– **اِلاهي ٿُهار:** جملو. اللہ تنهنجي اَهر ۽ اَللهُ تو آڌار – ڌڻي تنهنجي مدد ٿئي. اَللهُ جو آسرو "گهڙي گهڙوهٽ ڪري. اِلاهي ٿَهار" (شاهه).

• **اِلاهي خير:** جملو. يا، خير ڪجاءِ.

– **اِلاهي ڳنڃ:** ذ. خدائي خزانو – غيبي خزانو. تمام گهڻو مال متاع.

– **اِلاهي ڪَڪَرُ:** محاورو. بي توقع نعمت. اوچتو فائدو.

– **اِلاهي ڪَڪَر وسڻ:** خدائي رحمت وسڻ. خدائي نعمت حاصل ٿيڻ. اوچتو فائدو ٿيڻ.

– **اِلاهيّات:** ث. ڌڻي تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو علم.

– **اِلاهيّتَ:** ث. الوهيت – خدائي.

• **اِلاءِ العالمين:** ذ. جهانن جو معبود.

• **اَللهُ** اسم خاص. [ع] خدا جو ذاتي نالو – هڪ خدا – مالڪ. سڀني سهڻين صفتن جو جامع.

• **اللہ آمين:** جملو. خدا ڪان دعا ڪهڙ ۽ شڪراني جو جملو.

– **اَللهُ اَكبَرُ:** ڪلمو. اَللہ سڀ ڪان وڏو آهي. اظهار تعجب جو ڪلمو. تڪبير جو ڪلمو (پڪيءَ يا حيوان کي ذبح ڪرڻ وقت). نماز جي نيّت ڪرڻ وقت تڪبير جو ڪلمو.

– **اَللّٰہ اَللّٰہ:** کلمو. [ع] تعجب جو کلمو خدا جي يادگيريءَ جو کلمو. ذکر.
– **اَللّٰہ اللّٰہ ڪرڻ:** اَللّٰہ پاڪ جو ذکر ڪرڻ. ڏٺيءَ پاڪ کي ياد ڪرڻ. تسبيح پڙهڻ. عبادت ڪرڻ. ڏٺيءَ پاڪ کان ڊڄڻ. ڏک ۾ صبر ڪرڻ خير گهرڻ.
– **اَللّٰہ اَلصَّمَد:** کلمو. اَللّٰہ تعالىٰ بي پرواهه ۽ بي نياز آهي. خوف واريءَ حالت ۾ ڏٺيءَ جي ياد جو کلمو.
– **اَللّٰہ بَنْدَ:** اسم خاص. سنڌ ۾ ڪچ جي سرحد تي سن ۱۸۱۹ ع واري زلزلي ۾ ازخود نهي پيل هڪ قدرتي بَنْدَ (جنهن جي ڪري ڏورو يعني اڀرندو نارو ان جاءِ تان رخ قبرائي ويو).
– **اَللّٰہ بيلي:** محاورو. اَللّٰہ ساڻي! ڏٺي همراهه! – مولىٰ مدد! – اَللّٰہ نگهبان! – خدا حافظ!.
– **اَللّٰہ ٽوهارَ:** محاورو. ڪم جي شروع ڪرڻ جو کلمو "اَللّٰہ تو آهر". ڏٺي تنهنجو آسرو – مولا تنهنجي مدد.
– **اَللّٰہ ٽوهارَ ڪرڻ:** "اَللّٰہ تنهنجي آهر" چوڻ – ڪم جي شروعات ڪرڻ.
• **اَللّٰہ جو قَيهو (= پيهو):** اسم خاص. ڪوهستان جو هڪ پاڳو (ڳوٺ حاجي يعقوب بروهي واري ايراضي).
• **اَللّٰہ جو گهر:** ذ. ڪعبة اللّٰہ. مسجد.
– **اَللّٰہ جو نالو:** کلمو. ڏٺي پاڪ جو واسطو. ڏٺيءَ جو قسم. ڏٺي تعالىٰ جي نالي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه.
– **اَللّٰہ جي اَمانَ:** دعا جو کلمو. اَللّٰہ جي پناهه – ڏٺيءَ جي نگهباني. موڪلاڻي.
– **اَللّٰہ جي لِيکي ۾ هُجڻ:** موت کي ويجهو هجڻ – پوين پساهن ۾ هجڻ.
– **اَللّٰہ جي مانِ (ث):** ٽه ول جو هڪ قسم.
– **اَللّٰہ جاڻي:** محاورو. خبر نه هجڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ محاورو. خدا کي خبر! (يعني مونکي خبر ناهي) – ڏٺيءَ کي سڌ!
– **اَللّٰہ راسي:** محاورو. اهو جو خدا جي سهاري هجي (ذ. صفت) ويچارو – غريب – مسڪين.
– **اَللّٰہ سان ڀَالهيُون هُجڻ:** موت کي ويجهو هجڻ.
• **اَللّٰہ غني:** جملو. خدا بي پرواه آهي (تڪليف يا عجب جي وقت چيو ويندو آهي).
– **اَللّٰہ لوڪ ج اَللّٰہ لوڪَ:** ذ. صفت. [ع. اللّٰہ + سن. لوک] خدا وارو – اهل اللّٰہ – درويش – پهتل سڌو سادو – طبيعت جو سادو – پورڙو.
– **اَللّٰہ ميانْ:** ذ. اَللّٰہ پاڪ – ڏٺي سڳورو. "اَللّٰہ ميان ٿورو! مڙس ڏاڍا نم چورو".
• **اَللّٰہ نِگهبان:** جملو. خدا حافظ (موڪلاڻي وقت دعائيه طور چيو وڃي).
– **اَللّٰہ واٽ:** ظرف. (اَللّٰہ + واٽ) ڏٺيءَ جي راهه ۾ – ڏٺيءَ جي نالي. مفت ۾ – بنا پئسي.

• **اَللّٰہ وارو:** ذ. خدا جو پيارو يا مقبول بندو. بزرگ (صفت) سادو سوڌو – باڪو پولو.
– **اَللّٰہ واهي:** دعا جو کلمو. خدا نگهبان. خدا حافظ (الوداع يا موڪلاڻيءَ جو سلام).
– **اَللّٰہ واهي جَهڙ:** خدا حافظ چوڻ – موڪلاڻ.
– **اَللّٰہ هوَ:** ذڪر جو کلمو. "اهو اللّٰہ آهي"
– **اَللّٰہ ئي اللّٰہ:** کلمو. (خيرات گهرڻ وقت دعا جو کلمو) اَللّٰہ جو نالو (فقط رجي باقي رهندو، انهيءَ ڪري خير ڏي نه خير ٿئي ئي).
• **اَلاهَر:** کلمو. [ع. اَللّٰہ + اَهر] اَللّٰہ جي آسري – توڪل علي اللّٰہ.
• **اَلاهڙو ج اَلاهڙا:** ذ. [سن. اِيالِسْپَ] اوباڙو – طعنو – مهڻو.
• **اَلاهُو (ث):** ظرف. اوجتو – اتفاقاً.
• **اَلاهيں اِلاهيو ج اَلاهيا، اِلاهيا (ث):** ذ. صفت. اَللّٰہ جو. نڏڻڪو – بنا مالڪ جي (مال).
• **اَلائڻ:** جوائڻ. سڏائڻ.
• **اَلائڻ:** مصدر. ڀَالهائڻ. چوڻ. بڌائڻ. ڪچڻ (الايو – الائينه و – الايل).
• **اَلائڻ:** مصدر. [سن. اَتْ + لَوَدَن] اَليڙڻ. اَڪيلڻ – ڪولڻ. ٻلاڻ لاهڻ. خالي ڪرڻ. اولاڻڻ. (اٿت). (الايو – الائيندو – الايل).
• **اَلائُنْس ج اَلائُنْس:** ذ. [انگ. allowance] – مقرر پگهار کان وڌيڪ رقم (جا ملازم کي ڪنهن خاص سبب تي معاوضي طور ملي مثلاً مهانگائي الائنس، وغيره). مقرر ڪيل معاوضو – لوازمو.
• **اَلائي، اِلاهي ج اَلائيون، اَلاهيون (ث):** ٽ. صفت. ويچاري. نڏڻڪي – بي وارث – چوري چني.
• **اَلْبازار اَلْبَزار:** ٽ. [ع. اَلْ + ف. بازار] ڪنبڊ جي چوگرد ڏنل پڙويلو. قبي اندران چوڦير رستو.
• **اَلْبتّ:** ظرف. [ع. اَلْبَتَّةَ] جيڪي سو. ڪي ڏڪر – ڪنهن حد تائين. باقي. ڪجهه نه ڪجهه.
• **اَلْبيلو ج اَلْبيلا:** ذ. صفت. [سن. اَلْوِيلَ > اَلَرْ = ڪهڻو + ويلَ = نخريلو ٽيڙ] دادلو – لاڏلو – چَينچل. پياري. اَنگلي – نخريلو. لاغرض – بي پرواهه – بي خيال. نازنين – حسين – خوبصورت – وٽندڙ – دلبر. باڪو پولو (ل). (ث) اَلبيلي ج اَلبيلِيُون.
– **اَلْبيلائي ج اَلبيلائيُون:** ٽ. دادلائي – لاڏائي – چينچلبائي. بي پرواهي – بي خيالي.
• **اَلَپ ج اَلَپ:** ذ. صفت. [اَ = نه + لپ > ليڻ] اَٽلپ – نايابَ – ڪمياب. قيمتي – مهانگو. نه ملي سگهندڙ "اڄ مروّت ۽ وفا منجهه آدمين آهي اَلپ" (قاسر).

• **اَلْيائي ج اَليائيُوْن:** ث. نايابي – كمياب.
• **اِلْتِماسْ:** ذ. [ع. لَمس > اِلْتِماس] مونجهارو – شك.
• **اِلْتِجا ج اِلْتِجائُوْن:** ث. [ع. لَجاء > اِلْتِجاء = پناه ولڻ] منٽ – وينتي – عرض – التماس – گذارش – درخواست.
• **اَلْتَحِيّات:** ث. [ع. تَحِيّة ج اَلتَّحِيّاتْ = سلام] نماز ۾ ويهڻ وقت پڙهڻ جي دعا (جنهن ۾ نبيءَ صلي الله عليه و آله وسلم تي سلام موڪلبا آهن).
• **اِلْتِزامُ:** ذ. [ع. لَزِمَ > اِلْتِزامُ] لازمي ٿيڻ واري حالت. ضرورت – اقتضا – مقتضا.
– **اِلتزام ڪرڻ:** لازمي ڪري ولڻ – ڪنهن عمل کي پاڻ تي لازم ڪرڻ. شعر ۾ ڪنهن خاص صنعت کي لازمي طور نباهڻ.
• **اَلْتَرْكي:** اسم خاص. بروهي قوم جو هڪ قبيلو.
• **اِلْتِفاتْ:** ذ. [ع. لَفَتَ > اِلْتِفاتْ = ڏيان ڪرڻ] ڏيان ٽوڪ – خيال – غور. مروّت – مهرباني. محبت. ميل – دل جو لاڙو. نگاهه. "علم بديع" ۾ تجنيس جو هڪ قسم (جنهن ۾ شاعر پاڻ کي يا ٻئي کي خطاب ڪري).
• **اِلْتِماسْ ج اِلْتِماس:** ذ. [ع. لَمس > اِلْتِماسْ] عرض – درخواست – گذارش. وينتي – التجا.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. [اَلْ > اَلْتَنْ] اَلڻ – انڪار ڪرڻ – سچي نه ڪرڻ. ڪجهه رکڻ – لڪائڻ "اَلتيم جا هنيان سا ڏ سَلْتِيم ساهه کي" (شاهه).
• **اِلْتِوا:** ث. [ع. لَوَي > اِلْتِواء = ويڙهڻ] ڪنهن ڪم کي ٻئي وقت لاءِ ترسائڻ جو عمل – مهملي. دير – ڊيرَ. تناءُ ستاءُ.
– **اِلْتِوا جي تَجويزْ:** ث. مهملي جي رٽ.
• **اِلْتِوا ۾ وڌهڻ:** ٻئي وقت تي ڇڏڻ – آئندي ڪنهن مناسب موقعي تي ڇڏڻ. دير ڪرڻ. ڊيرَ ڏيڻ.
• **اَلْتُ ج اَلْتَ (ث):** ذ. صفت. [سن. اَلْس] سست – گهٽي نند ڪندڙ. سُرٽي – الياسُ.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. اَلهڻ – لَهڻ – هيٺ آڻڻ. (اَلتو – اَلتيو – اَلتندو).
– **اَلْتو:** مفعول. لَڏو (سج).
– **اَلْتي (ل):** ظرف. سج. لڳ – نماڻاسام "سج اَلتي سيڻ. سَٽُوْ ڏينديس سَج ۾" (شاهه).
• **اَلْتو:** ذ. ترجمو.
• **اَلْتُ ج اَلْتَ:** ذ. انڌير – ناحق. (صفت) اَلوٽ – بيخبر – بيهوش.
• **اَلْتَنْ:** مصدر. [سن. اَدْ + لونْ] اَلڻ – اٻتو ٿيڻ. اونڌو ٿيڻ. (اَلتيو – اَلتندو – اَلتيل).
– **اَلْتَ ج اَلْتُوْن:** ث. اَٻَت – اَٻتي ڦيري. اَڏل. انقلاب. اَڏل – تور ۾ وڌيڪ وزن (ث).
– **اَلتائڻ:** مصدر. اُونڌو ڪرڻ – اٻتو ڪرڻ. ليتائڻ – اوڌڻ.
– **اَلتائي ج اَلتائيُوْن:** ث. اونڌي ٿيڻ واري حالت. اٻتائي – اَلتائي.
– **اَلَتَ پَلَتَ:** ث. اُٿل پُٿل. افراتفري. ڦير گهير – اَٻت سُٻت. (ظرف) هيٺ مٿي – ڊانواندول.
– **اَلْتَجَڻُ:** مصدر. "اَلتڻ" مان فعل مجهول. اَلتڻ – هارجڻ. اٻتو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ.
– **اَلَتَ سُلَتَ:** ث. اٻت سُٻت – ڦير گهير (ظرف) هيٺ مٿي.
• **التو جواب:** ذ. اونڌو اٻتو جواب. جاڻي واڻي غلط جواب. گستاخي وارو جواب.
• **التو زمانو:** ذ. خراب وقت. ناموافق حالات.
– **اَلتو ج اَلتا:** ظرف. اَتليل – اٻتو – اونڌو. ڦريل – برخلاف. اَتلندو – مُرڪو.
– **اَلتو پَلتو:** ظرف. اٻتو سُٻتو – اونڌو اٻتو. هيٺ مٿي.
– **اَلتي ج اَلتيُوْن:** ظرف. اَٻتي – ڦريل. ٻيءَ طرح – برعڪس. نرالي. (ث) ڦي – ڪَيڏ – ڏاڪ – اَڇلَ.
– **اَلتي اَچَنْ:** ڦي اڇڻ – اَڇل اڇڻ – اوڪارو اڇڻ.
– **اَلتي تقدير:** ث. بدقسمتي – نياڳ – ڪم بختي.
– **اَلتي پَتي پڙهائڻ:** غلط سبق پڙهائڻ. گمراه ڪرڻ. برغلائڻ – جورڻ.
– **اَلتي پوڙي:** ث. ڏکيو ڪم – ڏکيو سوال.
– **اَلتي جُري وهائڻ:** اٻتيءَ ڪاتيءَ سان ڪُهڻ – بيدَرديءَ سان مارڻ. ظلم ڪرڻ. اڌنگي هلت هلڻ.
– **اَلتي ڪنڊ:** ث. ۱۸۰ درجن کان وڌيڪ ماپ واري ڪنڊ – اٻتي ڪنڊ.
– **اَلتي ڪوري:** محاورو. اونڌيءَ سمجهه وارو. بيوقوف – ڪج فهم.
– **اَلتي ڳُنگا:** محاورو. اٻتي وهندڙ ڳنگا ندي – ناممڪن ڪم. اٻتو ڪم.
– **اَلتي ڳنگا وهڻ:** ڳنگا نديءَ جو اٻتو وهڻ. ناممڪن عمل وجود ۾ اچڻ "ڳنگا اَلتي جي وهي. ڏڏي ڏئي نه ڪير" (جمن جارڻ). خلاف دستور ڪم ٿيڻ.
– **اَلتي ڳالهڙي:** ث. اَٻتي ڳالهه. مُعمّا – ڳجهارت – پروليَ "اَي اَلتي ڳالهڙي. سڪ ورندي ساهه" (شاهه).
– **اَلتي مالها:** محاورو. بد دعا – بٽا.
– **اَلتي مالها ڦيرڻ:** بد دعا ڪرڻ.
– **اَلتيُوْن سُلتيُوْن ڏائڻ:** اَٻتيون سُٻتيون ڳالهيون ڏائڻ برغلائڻ.
• **اَلتو ج اَلتا (ث):** ذ. وهنن کي چاري ڏيڻ جو اَهورو.
• **اَلْپ:** صفت. [سن. اَلْپ = ٿورو] ٿورڙو. ننڍو – خسيس.

– **ألپ ماتر:** ث. گهڑي كن. (ظرف) جهت پت.

• **إلپاك ج إلپاك:** ذ. تاڭ جي نموني گڇيءِ ۾ بائڻ جو هڪ گهه (جو سون، جاندي‌ءِ ۽ پٿر وغيره جو ٿئي) – دلپاڪ

• **ألپاكو ج ألپاكا:** ذ. [اسپاني. ألپيڪا: ع. اَلْ + پِيْكو = پيرو ملڪ جو ڏيهي نالو] ڪپڙي جو هڪ قسم. "الپاڪي" جانور جي اَنّ مان ٺهيل ڪپڙو.

• **ألپَتّ:** ث. [سن. اَپلپ = انڪار] انڪار – ناقبوليت.نڳي – دغا – ڪوڙ.

• **ألپتگين:** اسم خاص. غزني‌ءِ جو حاڪم (جنهن ڪاڻ پوءِ سلطان محمود جو پيءُ سبڪتگين سنه ٣٦٦هـ ۾ تخت نشين ٿيو).

• **ألجبرا:** ث [ع. اَلْجَبْرُ والْمُقابله] حسابن جو علم (algebra).

• **ألجَمَ ج ألجَمَ (ل):** ذ. سُٽڻ جو وَر.

• **ألجهڻ:** مصدر. [هـ] مُنجهڻ – ڦاسڻ – اُتڪڻ. پريشان ٿيڻ. دقت ۾ پوڻ – پکيڙي ۾ پوڻ. گمراهه ٿيڻ. ڪنهن معاملي ۾ دير پوڻ.

• **ألجو ج ألجا:** ذ. هَلاجو – گوڙ.

• **ألجهل:** ث. اَنْجَرُ – عام جام – ريل جيل.

– **ألجهل ڪرڻ:** ريل جيل ڪرڻ. گهٽو لٽائڻ.

• **ألحاد:** ذ. [ع. اَلْحاد = دين ڪان ڦرڻ] دين ڪان ڦرڻ جي حالت – بيدييني – ڪفر.

• **ألحاصل:** ظرف. [ع] حاصل ڪلام – مطلب ته – الغرض.

• **ألحاق:** ذ. [ع] گانڊاپو – لاڳاپو – ميلاپ – شموليت.

• **ألحال:** ظرف. [ع] في الحال. هن وقت – هينئر "آرياڻي الحال. ڪندو غور غريب جو" (سجل).

• **ألحان:** ذ. [ع. لَحْنٌ ج اِلْحانْ] آلاپ – منو آواز – منو سُر – سريلو آواز.

• **ألحان داؤدي:** ذ. حضرت داؤد عليه السلام جو آواز. تمام منو ۽ وٺندڙ آواز يا سُر.

• **ألحَدَ ج ألحَدُوْن:** ث. [ع. لَحْدٌ = قبر] قبر – گور – ٻَڌي. قبر ۾ لاش رکڻ جي جاءِ – گڇه.

• **ألحَقّ:** ظرف. [ع] سچ ته – تحقيق.

• **ألحَمْدُ:** ث. [ع. اَلْ + حَمْدٌ = ساراهه] قرآن شريف جي پهرين سورة جو پهرين لفظ. هر قسم جي تعريف – هر طرح جي ثنا. شڪرانو.

– **ألحمد پڙهڻ:** قرآن شريف جي پڙهائي شروع ڪرڻ. تعليم شروع ڪرڻ. شڪراني طور "الحمد" سڳورو پڙهڻ "پڙهه شُڪرالحمد. مولا مهربان ٿيو".

– **ألحمدلله:** (شڪراني جو ڪلمو) سڀ ساراهه الله پاڪ لاءِ آهي. فقره بمعنيٰ "الله جو شڪرانو" (عموماً ڇڪ ڏيڻ ڪان پوءِ چئبو آهي).

• **الخ:** جملو. [ع] "إلي آخره" جو مخفف. حوالي طور ڪنهن سموري عبارت ڏيڻ بدران اَن جو ٿورو حصو لکي "الخ" لکي ڇڏيندا آهن.

• **ألخاني:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ألدَهَ ج ألدَهَ:** ذ. مَڪَنُ "جنهن جا ورن وساوڙي وترا. ألدَهَ جيها انگ" (سليمان).

• **ألرا:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ألرا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ألڙڻ:** مصدر. [سن. اَلَ = وٺجي ستجي هلڻ] لاڙو ڪرڻ – ڪنهن طرف ليٽ ڪرڻ. اَلر ڪرڻ – ڇُلهه ڪرڻ – هلان ڪرڻ. (اَلريو – اَلڙندو – اَلريل).

– **ألڙ ج ألڙون:** ث. ڪاهه – ڇُلهه – هلان – حملو. وڙهڻ يا ڏڪ هڻڻ جي تياري.

– **ألڙائڻ:** مصدر "الڙ" مان متعدي بالواسطه. ليٽائڻ – پاسو ڪرڙائڻ. بينل وڙ يا پت. ڪاٽ يا ڪلي ڪي اَڪوڙائڻ.

– **ألڙبلڙ:** ث. نندڙي بار جي. مائٽ يا واقف ڏي اَڇل.

– **ألڙڪڻ:** وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڏڪ الاڙڻ. ڇُلهه ڪرڻ – هلان ڪرڻ.

– **ألڙڪي اڇڻ:** وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اَڇڻ – ڇُلهه ڪرڻ – هلان ڪرڻ.

• **ألڙ ج ألڙ:** ذ. صفت. [هـ. اَلهڙ = نندپو. اڻ ڪيڙيل] ٺولو – ڪچو – اڻواقف. جٽ – جاهل. اناڙي. معصوم ٻار. باراڻي سياڻ وارو – طفل مزاج. ليلهڙ. سادو. نابالغ "الڙ ٿي آڇ مڙ ٿون، واتهڙن وائي" (شاهه).

• **ألڙائي. الڙياڻي ج ألڙايون. ألڙيايون:** ث. ٻاراڻي – طفل مزاجي. ناواقفيت – اڻڄاڻائي.

• **ألڙ ج ألڙ:** ذ. صفت. اَڇايو ڪهندڙ – روڪاڪ.

– **ألڙبلڙ:** ذ. اَڇايو يا بيهودو ڳالهاءِ.

• **ألڙڻ:** مصدر. [سن. اَڏ + لَڏ = اَڪڙڻ] اَڪڙڻ – اَڪڙي پوڻ – لڏڻ – ڏڏڻ – ڊرو ٿيڻ – ڪهر ڪهلو ٿيڻ. (اَلڙيو – اَلڙندو – اَلڙيل).

• **ألڙهڪڻ (ث):** مصدر. ٿاڻ‌ءِ پاسيرو ٿيڻ. (اَلڙهڪيو – اَلڙهڪندو – اَلڙهڪيل).

• **اِلزام ج اِلزامَ:** ذ. [ع. اَلْزم> اِلزامٌ = ڪا ڳالهه ڪنهن تي مڙهڻ. مجبور ڪرڻ] تُهمت – بُهتان.

– **اِلزام ڏيڻ:** بُهتان مڙهڻ – تهمت ڏرڻ.

• **اِلزامات:** ذ. [ع. الزام جو جمع] تهمتون.

• **الزام رکڻ:** ڏوهه مڙهڻ – تهمت هڻڻ. بدنام ڪرڻ.

• **اَلس:** ذ. [سن. اَلَس < اَ = نہ + لَس = پورهيو. بنا پورهئي. سست] اَلسَ – آرسَ – سُستي. ڪاهلي.

– **ألسائر ج ألسانا:** ذ. صفت. اَرسي – آرس ڪندڙ – آرس وارو –

اَلسي. سُست – كاهل "هڪڙا سانڀ شوكت جي، هڪڙا اَلسا" (سامي).

• **اَلسْتُ:** ذ. [ع] چا، مان آهيان؟ ـ "اَلسْتُ بربّكم" وارو قول. روز ميثاق. ازل.

– **اَلسْتُ بربّكُمْ:** جملو. (آ اوهان جو رب نه آهيان؟) اول يا ازل واري ڏينهن تي خدا پاڻ جو ارواحن کان سوال (جنهن جو جواب ڏنائون "قالوابلي" = هائو).

• **السلامة:** ذ. [ع] خداتعالي جو هڪ نالو. سلامتي – امن. عافيت.

• **اَلسّلامُ عَلَيْكُم:** جملو. [ع] اوهان تي سلامتي هجي. مسلمانن جو سلام (جنهن جو جواب آهي "وَعليكُم السلام = ۽ اوهان تي به سلامتي هجي").

• **اَلْسِنَه:** ث. [ع. لِسانُ ج اَلسنه] زبانون – بوليون.

• **اِلْسَي:** ث. بوتي جو هڪ قسم – السيءَ جو ٻج. هڪ پساريندڙ وکر.

• **اَلصَّمَدُ:** ذ. صفت. [ع] ڏٺيءِ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. بي نياز – بي پرواه. "اَللّٰه الصّمَدُ بي نياز. سا ڪري جا چاهي" (شاهه).

• **اَلطاف:** ذ. [ع. لُطْفُ ج الطاف] ڪرمَ – ٿورا.

– **اَلطاف نامو ج اَلطاف ناما:** ذ. [ع. الطاف + ف. نامه] نوازش نامو – مهرباني، پريو خط.

• **اَلْغارَ ج اَلْغارُونْ:** ث. [تركي] تڪڙو حملو – ڪاهه. لٽ – ڦرمار. خوشي – موج.

– **اَلْغارون ڪرڻ:** مصدر. خوشيون ڪرڻ – موجون ڪرڻ. گهمندو رهڻ.

• **اَلْغَرَضْ:** ذ. صفت. [ع. غَرَضٌ = مطلب] بيپرواهه – بيخيالو – نه ليکيندڙ. (ظرف) حاصل مطلب – القصه.

– **اَلْغرضائي ج اَلْغرضائيُونْ:** ث. بيپرواهي – بيخيالي ڪن ٽار.

• **اَلْغوزا:** ذ. [ف] هڪ ساز جو نالو – بنسرين جو جوڙو (جي گڏ وڄائجن) – بينُون.

• **اَلْغياثُ:** ذ. [ع] فرياد – دانهن.

• **اَلْفَ:** صفت. [ع] هزار (۱۰۰۰).

– **اَلْفُ لَيْلَةْ وَلَيْلَةْ:** اسم خاص. (هڪ هزار هڪ راتيون) عربي بوليءَ ۾ آکاڻين جو هڪ مشهور ڪتاب (جو دنيا ۾ افسانوي اَدب Fiction جي بنياد وجهندڙ ڪتابن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو).

• **اَلِفْ ج اِلْف:** ذ. [ع. ف] "الف – بي" جو پهريون اکر. "اللّٰه" جي معنيٰ ڏيکارينڊڙ "اوڏو ٿي اَلف کي، من ميم سان گڏ" (شاهه). (صفت) اڳهاڙو. نانگو – سڏو سنئون.

– **اَلِف بي:** ث. اکيوتا – هجي جا حروف.

– **اَلف بي نه ڄاڻڻ:** ڪجهه به نه ڄاڻڻ.

– **اَلف ٽِين ٽي ٻهڻ:** ڪڙو ٿي ٻهڻ. اڳهاڙو ٿيڻ. لڄ لاهي ٻهڻ. گهوڙي جو پوين ٽنگن تي ٻهڻ. نرا ڪٽڻ.

– **اَلِفْ سُلْكلو:** ذ. الف سؤلکلو. الف هڪ سؤ لکڻن (= لڄڻ صفتن) وارو آهي. يعني الله جي نالي جا هڪ سؤ صفاتي نالا يا صفتون آهن. "الف + سَ + لکلو" (يعني الف سهڻين وصفن وارو آهي. جو 'الله' جو نالو سهڻين صفتن وارو آهي). ڪنهن به حرڪت (زبر – زير – پيش – مد) ۽ نقطي کان سواءِ الف – الف خالي.

– **اَلِفْ قَدْ:** محاورو. الف وانگي سنئون سڏو.

– **اَلف قد ٽي ٻهڻ:** ڪڙو ٿي ٻهڻ.

– **اَلف مَقْصُوره:** ذ. مَدّ کان سواءِ الف.

• **الف ممدوده:** ذ. مد وارو الف (آ).

• **اَلْفاظ:** ذ. [ع. لَفْظ ج اَلْفاظ] لفظ. بول – گهٽا. وڃن – قول.

– **اَلفاظ ڏيڻ ڪيڻ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ – گاريون ڏيڻ.

• **اَلْفَتَ ج اَلْفَتُوْنْ:** ث. [ع] پيار – محبت – حَبّ ـ قرب. پريت – دوستي.

– **اَلْفتي:** ذ. صفت. محبتي – قربائتو.

• **اَلْفِي ج اَلْفِيُون:** ث. [ع. اِلْفي = الف جهڙو سڏو ۽ ڊگهو] ڪڙ جولو – بانهن کان سواءِ ڊگهو ٻهراڙ – فقيرن جي ڪفني "پايو الفي. پيئي عشق اُجاريان" (مصري شاهه).

• **اَلْفِي ج اَلْفِيُون:** ث. دوستي جنڊ جي حالت – اَلفي (ث).

– **اَلفي ڪرڻ:** بيجا هلت ڪرڻ.

• **اَلْفيْتُ:** ذ. [ع. اِلْفٌ. اَلْفة = دوستي] آرڻيت. يادگيري – سانيرو.

• **اَلْقابَ:** ذ. [ع. لَقَبٌ ج اَلْقابَ] لقب – خطاب – عهدا – اعزازي نالا.

• **اِلْقاءَ:** ذ. [ع. اِلْقاء = من ۾ وجهڻ] اندر جو آواز. الهام – دل ۾ ڪنهن ڳالهه جي پلٽ. اَنترگيان – من واڻي.

• **اَلقصّه:** ظرف. [ع] حاصل مطلب – قصو ڪوتاهه.

• **اَلَكْ ج اَلْكُونْ:** ث. [سن] اڪ جو پَلَ – پنبڻي.

• **الكا:** ذ. هڙ "جهوڪا سرگهه غزالِ الكا آسهَا اَسهول نيل" (ڏهس).

• **الكار:** ث. [تركي. الغار. ايلغار] موج واري ڪاهه "اٺ ڏيندو الكار، پهڃائيندو پرين کي" (قطب شاهه).

• **اَلْكانْ ج اَلْكانْ:** ذ. ڪان، جو ٻجو. (صفت) جريو – بيوقوف. بي سمجهه – اٻوجهه. سيکڙات – نوآموز – نَوَل. وات ڳاڙهو. واڇن تڙيل.

• **اَلْكائي:** اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اَلْكوهَلْ:** ذ. [ع. اَلْكحل (+ سُرمو)، انگ. alcohol] شراب جو سَٽُ.

• **اَلْكوچ اَلْكا:** ذ. [سن. اُتْكَلِكا] اونو – انتظار – اسيڙو. ڪُڻتي –

فڪر – خيال. چنتا – ويچار، هُرڪر – اَن ڏٺ، اڻڪٿو.

– **اَلڪائتو ج اَلڪائتا:** ذ. صفت. اَلڪي وارو – اولي وارو – اديشي وارو. فڪرمند منتظر – انتظار وارو.

– **اَلڪو رکڻ:** اوسيڙو ڪرڻ. چنتا رکڻ.

– **اَلڪو ڪرڻ:** ڳڻتي ڪرڻ.

• **اَلڪ ج اَلڪ:** ذ. [سن. اَلَكْشيه< اَ + نَ + لَكْش = ڏسڻ] خدا جو صفاتي نالو "اَبي اَلَک سامهون. ٻانهون ٻڌائون". (صفت) اَڳر – غير محسوس. جنهن جي ڄاڻ نه ٻوي. ٻيجون – مخفي. اَن ڏٺل – غائب. بي نشان. اَن لکو. (ث). جوٿر جو هڪ قسم.

– **اَلڪ پُرڪ:** ذ. ڏٺي – رب تعالىٰ "الک پرک آڏي. ديرو ڪيو ديهه ۾" (سامي).

– **اَلڪ جاڳائڻ:** ذڪر ڇڪائڻ. اندر ۾ ذڪر اوريڻ. ڏٺيءَ کي ياد ڪرڻ.

– **اَلڪ رَکڻ:** راءِ رکڻ – پيار ڪرڻ.

• **الک:** صفت. نه لکڻ جهڙي – نه سمجهڻ جهڙي "آهي ڳالهه الک، پرپروجهڻ ناه کا" (لطف الله قادري).

• **اَلڪو ج اَلڪا:** ذ. صفت. [سن. اَلَكْشيه] اَن لکو – نامعلوم. [اَ = نَ + لَکڻ = لڄڻ] ڪلڪڻو – ڪليڇو.

• **اَلڪو ج اَلڪا:** ذ. صفت. اَن لکو. اَن ڄاتل – نامعلوم.

• **اَلڪائي:** اسم. خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَلڪڻ:** مصدر. [سن. اَلَكْشَ] ڄاڻڻ – سمجهڻ – محسوس ڪرڻ. (اَلڪيو – اَلڪيندو – اَلڪيل).

• **اَلڪار ج اَلڪارون:** ث. [ترڪي. اَلغار، ايلغار = ڪاهه، حملو] شوق. آزادي. عيش.

• **الگارڻ:** مصدر. هلڪارڻ – 'هلي' ڏيئي هڪلڻ "الگاريا اوڏا نه وڃي پهچندا پرينءَ کي" (شاه عنات).

• **اَلڪارون ڪرڻ:** شوق وڻڻ – مزا ماڻڻ.

• **اَلڪوزا:** ذ. [ع. الفوزه: ف. الگوجا] ساز جو هڪ قسم – پاوا – بينون.

• **اَلگ:** صفت. ظرف. [سن. اَلگن] جدا – ڌار. علحدو – پري. دور – اڪيلو – تنها – بي تعلق.

– **اَلگ اَلگ:** ظرف. جدا جدا – پري پري.

• **الگ ڪرڻ:** جدا ڪرڻ – ڌار ڪرڻ. ڪڍي ڇڏڻ – ڇڏي ڏيڻ. جوندڙ.

• **اَلگي (ث):** ث. سڪرات – يويان پساهه.

– **اَلگي ٿيڻ:** سڪرات ۾ هجڻ.

• **اَلَل:** ظرف. [ع. غلي الصّباح] صبح سوير. (صفت) اَڏل. شوخ سرڪش. اَلڙ. (ڏ) هڪ خيالي پکي.

• **اَلِ دَلِ:** ظرف. ذ. عام جام – آل جال. گهٽو.

• **اَلِينْ دَلِينْ:** ظرف. چوت. بي خياليءَ سان.

• **اَلَر:** ذ. [ع. اَلَر ج آلام] زخم – ڏک – درد – غَم – انده – گونڊر.

• **الم انگيز:** صفت. ڏک پيدا ڪندڙ.

• **اَلم زده:** صفت. [ع. اَلم + ف. زدن > زده] غمگين – ڏکايل.

– **اَلَمناڪ:** صفت. غماڪ – دردانگيز.

• **اَلَمْنَشْرح:** ذ. [ع. چا احسان نه کوليو] قرآن شريف جي تيهين سپاري ۾ هڪ سورت ("اَلَمْ نَشْرَحْ لَکَ صدرکَ – الخ) جو مند.

– **اَلم نشرح ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ – مشهور ٿيڻ.

• **اَلماس ج اَلماس:** ذ. [ع] قيمتي پٿر جو هڪ قسم – هيرو. فولاد (جوهردار) "مومل کي مجاز جا. اَکين ۾ الماس" (شاه).

– **الماس تراش:** ذ. هيري وڍڻ جو اوزار.

– **الماس پارَه:** ذ. هيري جو ٽڪر – هيري جي ڪٽي. ڳڙ ڪهيتو.

• **الماسي رنگ:** ذ. اڇو صاف رنگ.

• **اَلمارِي ج اَلمارِيُون:** ث. [پوچوگيز اَلمارِيو] ڪَٻٽ. سامان وغيره رکڻ لاءِ پٽ ۽ لڳل ڪاٺ جو تختو.

• **المدد:** دعائيه. مدد ڪر. ڏکئي وقت ۾ مدد لاءِ دعا جا لفظ.

• **المختصر:** ظرف. مطلب ته – آخرڪار – نيٺ – قصو ڪوتاه.

• **اَلمَسْتُ ج اَلمَسْتَ:** ذ. [ع. اَلْ + ف. مست = چريو] بنهه مستانو – ڇڙ چريو – ديوانو نفساني خواهشن کان پري.

• **المیه:** صفت. ڏکارو – غماڪ – درد انگيز. اهو داستان يا ناٽڪ جيڪو ڏک وارو هجي.

• **اَلنبو ج اَلنبا (ل):** ذ. [ع. اَلْهاب = باه پڙڪائڻ] آڏمو – پُور – جوش – جَولان. جيرو – شعلو.

• **اَلنڪار ج اَلنڪارَ:** ذ. [سن. اَلَنْكار = سينگار] سينگار – سجاوٽ. زيب – زينت. زيور – گهر.

• **النگهه (ث):** ظرف. بند. پاسيرو. پري. جدا – الڳ "اڄڻ کان النگهه. واٽون ڪيئي ولها" (گلو ميائو).

• **اَلنگهڻ:** مصدر. [سن. اَلَنْگهَن = ٽپو ڏيڻ. اورانگهڻ] لَنگهڻ. اورانگهڻ. حد کان وڌڻ. حڪم پڇڻ. انحرافي ڪرڻ. (اَلنگهيو – اَلنگهندو – اولَنگهيل).

– **اَلنگهين (ل):** صفت. جو اورانگهي يا لنگهي نه سگهجي – وڏو تار – تمام وڏو – تمام گهڻو.

– **آلنگهين لَڳڻ:** تار ٽيڻ – اُنهون ٿيڻ. گهٽو ٽيڻ. چوت چڙهڻ.

• **اَلْ:** مصدر. [سن. اَپْلَيَنْ > اَپ = پري، پوئتي + لَيَنْ = چوڙ، پولڻ] ڪوڙ ڳالهائڻ – انڪار ڪرڻ. سچي نه ڪرڻ – نه مڃڻ. ڪيل ڳالهه کان انڪاري ٿيڻ. "سَلَ" جو ضد.

• **الڻ:** مصدر. ڳالهائڻ. چوڻ. ڪهڻ. ڪڇڻ. (اليو – اليندو – اليل)

• **اَلي وڃڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ – نه بڌائڻ – ڳولتائ ڪرڻ – سچي ڳالهه نه بڌائڻ.

• **اَلو:** حرف ندا. [ع. (يا) الله] ڪافين ڳائڻ وقت آلاپ "اَلو ياهو اَلو ميان"

– **اَلوَالا:** ث. (الله ئي الله) الوداع – موڪلائي.

– **اَلو ياهو:** ذ. (الله ياهو) نالي ماتر ڪم.

– **اَلو ياهو ڪرڻ:** نالي ماتر ڪم ڪرڻ.

• **الو پڙهڻ:** "سماع" جي هڪ اصطلاح موجب ذڪر ڪرڻ.

– **اَلو ميانْ ڪرڻ:** "الله ميان" جي لفظن سان آلاپ شروع ڪرڻ. ڪن ٿي هٿ رکي ڳائڻ ٻي اونو ويهڻ.

• **اَلو تَلو:** ذ. اَلهو تلهو – ارڪو ترڪو – اڳر ٽگر – ڏرو پرزو – سموري ملڪيت.

• **اَلو هلو:** ذ. ڪن ڪچرو – ڪن چن (جو ٻار ڪائين).

• **اَلو ج اَلا:** ذ. [سن. اَلْ = برڻ] باهه جي چٽنگ – شعلو. تاندو. ڇيپ – لاٽ.

– **اَلا اَڌاڻ:** جهيڙو اُٿارڻ – جهيڙو ڪرائڻ.

– **اَلو ٿي لڳڻ:** باهه ٿي لڳڻ. نقصانڪار ٿيڻ.

• **اَلو:** ذ. [سن. اُس‌ڪلوڪ] ڇپرو – ڇپ. جريو – احمق – نادان.

• **الوانا:** ذ. صفت. رنگين ڳاڙها رتل (باهه ۾ پچڻ سببان) "ڪامي ڪوري ۾ ٿيا، الون الوانا" (خانزئي).

• **الوان:** ذ. پڇي راس ٿيل – پڪو پختو. "وري ٻيدا نه ٿئو ڪو منجهان ٿئه الوان" (خانزئي).

• **اَلو بُخارا:** ذ. بخارا ڏانهن منسوب مشهور ميوو.

• **اِلو بلو:** ذ. اِتي ذڪر راند جو اصطلاح. اِتيءَ کي ذڪر سان بن ڏڪن هٿ وارو ڏاڪ. الهو بلهو.

– **اِلو بلو تِلو (ٽرلو):** ذ. اتي ذڪر راند جو اصطلاح. اتيءَ کي ذڪر سان تن ڏڪن هٿ وارو ڏاڪ – الهو بلهو تلهو (ٽرهلو).

• **اَلوڻ ج اَلوڻ:** ذ. صفت. [سن. اَ = چوڏاري + لُنْتَ = ويڙهيل سيڙهيل. ڪريل] نشي ۾ ٽپ – مدهوش. مخمور – سرشار.

– **اَلوڻائي ج اَلوڻايون:** ث. نشي ۾ ٻي سرڻائيءَ واري حالت. بيهوشي. مستي. ڳهريءَ ننڊ واريءَ حالت.

• **اَلوپ ج اَلوپَه:** صفت. [سن. اَ = چوڏاري + لَپْ = ڪرڻ، ڍڪڻ] گم – غائب – مخفي.

– **اَلوپ ٿيڻ:** گم ٿيڻ – غائب ٿي وڃڻ – لڪي وڃڻ.

• **اَلوداع:** ث. [ع] موڪلائي – رخصت – خدا حافظ.

• **اَلوڏو ج اَلوڏا:** ذ. صفت. [ف. اَلوده = پليد. منجهيل] ٻي خيالو – الغرض. ڪنڊ ڏهن. هلڪي دماغ وارو. (اسم خاص) مرد جو نالو.

• **اَلوڙ:** اسم خاص. اسلام ڪان اڳ ۾ ڪجهه پوءِ سنڌ جي گادي‌ءِ جو شهر – اروڙ.

• **اَلوڻ:** مصدر. [سن. اَڌلوڻَن. اَڌلوڻَن] اَڪوڙڻ – لوڏڻ – ڏرو ڪرڻ – ڏلو ڪرڻ. ڏوڏڻ "اَلوڻ نه ڏئي، ڏر وڏائين ونجهه ڪي" (شاهه). (اَلوڙيو – اَلوڙيندو – اَلوڙيل).

– **اَلوڻائڻ:** مصدر "اَلوڻ" مان متعدي بالواسطه اڪيڙائڻ – ڏرو ڪرائڻ – ڏوڏائڻ.

– **اَلوڻي رکڻ:** اَڪيلي رکڻ – ڏرو ڪري رکڻ. جدا ڪري رکڻ. سُنڌُ سنڌ جدا ڪرڻ. هڏ ڪڏ جور ڪرڻ – ڏاڍي مار ڪيڻ.

• **اَلوڪ:** ذ. [سن. اَ + نه + لوڪ = دنيا] روحاني دنيا.

– **اَلوڪڪ:** ذ. صفت. روحاني دنيا وارو. معجزي وارو – ڪرامت وارو. غير معمولي قوّت وارو.

• **اَلولَ ج اَلولُون:** ث. [سن. اَلولَ = ٽينگ، رونش. مزو. راند. ريجهڪ. موج. لهر] عيش – سڪ. مزو – لطف.

• **اَلولائي، اَلولي ج اَلولايون، اَلوليُون:** ث. الولَ – موج – عيش. مزو.

• **اَلولايُون، اَلوليون ڪرڻ، مائڻ:** خوشيون ڪرڻ – موجون مائڻ – فرحتون ونڊڻ. آرام ونڊڻ – مزا مائڻ. ٽينگ تپا ڏيڻ – رونشا ڪرڻ.

• **اَلولَ ج اَلول:** ذ. صفت. [ع. عَليل = بيمار چريو.

– **اَلولَ جَلول:** صفت. اجايو – فضول – بيڪار. اڊنگو – بي افعالو.

• **اَلولُور ج اَلولُوا:** ذ. صفت. اَڙندڙ – اَڪڙندڙ. ڏلرو – ڏرڙو. لڏندڙ لمندڙ. جو سمجهه ۾ نه اچي. طاقت مند – سڳهارو.

• **اَلولو ج اَلولا:** ذ. صفت. اَبتو – منجهيل – جو سمجهه ۾ نه اچي. طاقت مند – سڳهارو.

• **اَلولَڪ ج اَلولڪ:** ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

• **اَلوڪو:** ذ. صفت. ڪجو ٻڪو – جهڙو تهڙو. روڳي.

• **الون، الونه:** ذ. لولا – شعلا – چٽنگون.

• **اَلونهه:** ث. [ورونهه > اَلونهه] يادگيري – سانير. ذوق – شوق.

• **اَلوئو ج اَلوئا:** ذ. صفت. [اَ + نه + لوئ = بنا لوئ] لوئ کان سواءِ – ڦڪو – بي سواد. (ث) اَلوئي ج اَلوئيون.

– **اَلوئا ڀَتَ ڏيڻ:** اجايو بڪڻ – بيهوديون ڳالهيون ڪرڻ.

– **اَلوئائي ج اَلوئايُون:** ث. لوئ جي ٿورائي – طعام جي ڦڪائي – بي سوادائي.

• **اُلوڻي ج اُلوڻيُون:** مث نند – پنڪي، گهيرت – ڳهر.
• **اُلوهيّت** مث. [ع] ڏٺي‌ء جيَ ذات، وحدت، ڏٺي‌ء جي حقيقت، هيڪڙائي حق "آيا اُلوهيت ۾ . لاهوت لنگهيو جن" (شاهه).
• **اُلوِيڙ ج اُلوِيڙ:** ڏ. وَر – پيچ – وڪڙ. رندڪ هٺ يا پير جي آڱوٺي جو هڪ کان وڌيڪ ورن وارو چلو (ل) – ويڙهه.
– **اُلوِيڙ وجهڻ:** وڪڙ وجهڻ – ور وجهڻ. وراکا وجهڻ. رندڪ وجهڻ.
• **اُلهه:** ڏ. [ع. "الله" جو مخفف ـ الله پاڪ – خدا تعالىٰ.
– **اُلهايل، اُلاهيو ج اُلهايا، اُلاهيا** (ث): ڏ. صفت. الله جي آسري وارو. نڏڻڪو. مٽ مائٽ ڪان سواءِ. الله جيَ طرف جو. قدرتي.
– **اُلهَ اِلاهي:** ظرف. اوچتو – ازغيبي.
– **اُلهه تُهاڙ، توهاڙ:** مث. [الله + تو + آهر] الله تنهنجي آسري ـ الله تنهنجي توهه ـ الله تنهنجي وسيلي. خدا حافظ. موڪلائي.
– **اُلهجي:** حرف ندا. [الله + جي (جاڻ ۾)] ناواقفيت ظاهر ڪرڻ جو ڪلام. الله جاڻي ـ الله کي علم. اُلاڻي. مون کي خبر نه آهي.
– **اُلهَراسي:** صفت. خدا ڪارڻ – ڏٺي‌ء جي واسطي. مسافر – ڏاريو – اوپرو – پرايو "ماءُ: ماسي. الهه راسي".
– **اُلهه مُلهه ج اُلهه مُلهه:** ڏ. صفت. عورتن جو پاراتي طور ڪم آڻڻ جو لفظ ـ الله جي غضب هيٺ آيل ـ الله جي طرف کان تڪليف پهتل.
• **اُلهه آباد:** اسم. خاص. ڳڙهي خيري، ٽل. روهڙي ۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **اُلهارڻ:** مصدر. [سن. اَدْ + لاڏْن = هيٺ لاهڻ. هيٺ لاهڻ. لاهڻ (سج) "سج اُپارڻ، سج اُلهارڻ، اُهي ٽي ڏاڍي عجيب" (احمد ملاح). اُلهاريو – اُلهاريندو – اُلهاريل).
• **اِلهامَ ج اِلهامَ:** ڏ. [ع] اندر جو خدائي آواز. من واڻي. خدا طرفان دل ۾ آيل ڳالهه – القاء.
• **اُلهاڙ** (ل): ڏ. ظرف. الهندو طرف.
• **اُلهاڙو ج اُلهاڙا:** ڏ. [ملتاني] آکيرو.
• **اُلهائڻ:** مصدر. چار اُڻڻ – چار ناهڻ. هيٺ لاهڻ. اُلهايو – اُلهائيندو – اُلهايل).
• **اُلهه ڏلهو:** ڏ. [ع. الله تالله = خدا جو قسم] اُلو ڏلو. اُرڪو ترڪو – سوري ملڪيت – اُگر ٽگر – هڙموڙي. ڏرو ورزو – ٽيڙ ٽرو.
– **اُلهو ڏلهو ڏيڻ:** اُرڪو ترڪو ڏيڻ – سيڪجهه ڏيڻ.
– **اُلهو ڏلهو ناس ٿيڻ:** رهيو ڪهيو سڀ برباد ٿيڻ. هڙموڙي ناس ٿيڻ. سيڪجهه ناس ٿيڻ.
• **اُلهٽ ج اُلهٽ:** ڏ. صفت. نشي ۾ چور – الوٽ. تمام گهڻي نند. خمار.
• **اُلهڙ ج اُلهڙ:** ڏ. صفت. سيڪڙات – اُڙو.
• **اُلهڙ ج اُلهڙ:** ڏ. صفت. پتڪندڙ – رولو. طعام تڪيندڙ. بي ساڃاهو.
• **اُلهَنْدو ج اُلهَنْدا:** ڏ. [لهن > اولهن > الهندو] اهو طرف جيڏانهن سج لهي. اولهه پڇم.
• **اُلهَڻ:** مصدر. [لهن > اُلهڻ] وهت تان هيٺ لهڻ. سج جو لهڻ – غروب ٿيڻ "الهي سج اوير. مَ ڪر معذورين تي" (شاهه). اُلٿو – اُلهندو – اُلهيل].
• **اِلهو:** ڏ. ڏڪر جو اِتي‌ء کي اُسرائڻ لاءِ بهريون ڏڪ – اِلو (ل).
– **اِلهو بلهو:** ڏ. اِتي‌ء کي ڏڪر سان بن ڏڪن هٿڙ وارو ڏاڙ.
– **اِلهو بلهو ڪرڻ:** ب ڏ ڪ هٿڙ. ٽورو ڪم ڪرڻ. مشاجرو ڪم ڪرڻ – مڙئي پورائي ڪرڻ.
• **اُلهيڙ ج اُلهيڙ** (ل): ڏ. صفت. اُڌيل – اُڪڙيل – ڏرو ٽيل. ڏرو – ڏلو – ڦلهڙو. عضون اُڪڙيل – مائور. سست. رولو – رولاڪ. رولو جانور – چڙواڳ جانور.
• **الهي ڪُلهي** (ل): ظرف. ڪرائي‌ء کان ڪلهي تائين چڙهيل چوڙو – سڄي ٻانهين (ڪُنڄ ۽ بَڪ ٻيئي) "الهي ڪُلهي ٻانهين".
• **الهي ڳڻ:** سخت پورهيو ڪرڻ. اهنجو ڪم ڪرڻ. حد کان لنگهي وڃڻ.
• **اِلي ج اِليُون:** مث. زيور جو هڪ قسم. چانديء يا سون جو جڙاءُ دار ٽِڪلو. جو نراڙ جي مٿان وارن ۾ ويڙهي لٽڪائجي.
• **اِلي ج اِليُون** (ث): ٽمڊيت جو هڪ قسم – تيلي بچن ۾ پوندڙ ڪاڙهي رنگ جو جيت. تيلي بچ جو سُرو.
• **اِلي ج اِليُون:** مث [سن. اَدري = گهٽي اَج] گهٽي اَج لڳڻ جي بيماري – جلندر – استسقا. تونس – اَج. گهٽي ڪائڻ ٻيڻ جي بيماري. هيضو. اجايو خبط. ڪَٽ – زنگ (ڪ).
– **اِلي پوڻ:** اِلي‌ء جي بيماري پوڻ. خاتمو ٿيڻ.
• **الي جهي واڻي:** اصطلاح. ڏڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو سڏ. (ملتان ڏانهن ويندڙ راه جا پاندڙ 'اُويڙهي' ڇوڪري وارينداِ يعني راه جي پنڌ تي اسرندا ۽ پوءِ انهي پنڌ تي صبح شام 'الو پڙهندا': هن طرح جو سڀ پاندڙ اتر ڏڪڻ تي ۽ صفون ناهي هڪٻئي کي سامهون ٿي بيهندا. پوءِ اول انهي صف وارا جن جو منهن الهندي طرف هوندو، ڏڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو آواز بلند ڪندا ۽ سڄي طرف (اتر طرف) سلام طور ٽورو رخ ڦيرينداِ. جواب ۾ وري سامهون صف وارا 'يا' جو آواز ڏڪر جي تنوار سان بلند ڪندا ۽ ڪهي طرف (اتر طرف) ٽورو رخ ڦيرائي اهڙي طرح ٻارهن ڀيرا ڪندا ۽ ٻئي صفون جملي ٻاويهه سڏ 'يا' جا تنواريندينون. انهي عمل کي 'الو پڙهڻ' چوندا "راوي ريل ڪنڊين ۾ ڪر الي جي

وائڻي" (لاکن).

– **اَلِي کَنڊ:** گهڻي اڄ لڳڻ. ڪٽي ڪٽڻ.

– **اَلِي لگڻ:** گهڻي اڄ لڳڻ. ڪائڻ پيئڻ جو حرص ٿيڻ. ڪاڏي جو ڪنو ٿي جاري بڌڻ.

• **اِلياس:** اسم خاص. هڪ پيغمبر جو نالو. ماٿهوءَ جو نالو.

• **اَلياڻ ج اَلياڻ:** ذ. [هـ. اَلان = لغام] لغام جو ڏهانو. جو وڇ ۾ مڙيل هوندو آهي. وڏو ۽ سخت لغام (زورآور گهوڙي لاءِ).

• **اَليٽي ج اَليٽيون (ل):** ث. پرتي جو هڪ قسم. ڦيٿڙ لاڙي – گڏهه لاڙي.

• **اَليڻ:** صفت. [سن. اَليڪ = بي داغ] اُهو جنهن کي ڪو ليپ نه لڳي. جنهن سان ميلاپ ئي نه سگهي. نيارو. بي عيب.

• **اَليرج اَليرُڻ:** ث. [سن. اَلُول = چوه مان هلڻ] جهڪ – چال – لوڏ "ڏينديس ڏاڍي ڏونگرين، اَنين لئه اَليرَ" (شاهه).

• **اَليڙ:** مصدر. [سن. اَڌ + لَوڏَنَ] اَکيڙڻ – لوڏڻ – ڏوڏڻ. ڪولڻ – ڏرو ڪرڻ. اَديڙڻ. (اَليڙيو – اَليڙيندو – اَليڙيل).

• **اِليڪٽري ج اِليڪٽريون:** ث. [انگ. Electricity = بجلي] بجلي. هٿ بتي (torch).

• **اِليڪرِج اِليڪرا (ث):** ذ. صفت. ڏنگو – ازبنگ. بيمار سان پاليل ڏاڍلو – (ث) اِليڪري ۽ اِليڪريون.

• **اَليڪ سليڪ:** ث. [ع. اسلام عليڪم سلام ڪلام – واڪفيت. مٽ محبت – سڪ ساهُ آشنائي. سجاڻپ.

– **اَليڪ سليڪ ڪرڻ:** ملڻ موڪلاڻڻ – ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ.

– **اَليڪ عليڪ هُجڻ:** واڪفيت هجڻ – ٽورو ڪجهه – لاڳاپو هجڻ.

• **اِليڪشَن ج اِليڪشنون:** ث. [انگ. election] ووٽن رستي ميمبرن جي جوند – انتخاب.

• **اَليڪ:** ذ. صفت. [اَ = نه + ليک = ليکو. حساب] ليکي ڪان باهر – بي حساب – بيشمار – ڳڻيتي ڪان ٻاهر.

• **اَليل ج اَليلُون:** ث. محبت جي چڪ – عشق جي اڪير. درد جي چوٽ. محبت جي ڪهراڻي – ڪهاڻي پريت.

• **اَليلي:** صفت. ڪهري محبت رکندڙ – سچي سڪ رکندڙ.

• **اَليهَرِج اَليهَر:** ذ. ڪاربهر نانگ.

• **اَمرَ:** ث. [ع. اَمّ ج اُمّهات = ماءُ] ماءُ.

– **اَمرُ الاَمراض:** ث. مرضن جي ماءُ. تبضي. زڪام.

– **اَمرُ الجيش:** ث. لشڪر جي ماءُ. جهنڊو – عَلَم.

– **اَمرُ الخَبائث:** ث. خرابين جي ماءُ. شراب.

– **اَمرُ الخَير:** ث. ڇڳائي جي ماءُ. بيبي رابعه بصري.

– **اَمرُ الصِّبيان:** ث. [ع. اَمّ + الصبيان + ٻار = ٻارن جي ماءُ] ديجڙو – ٻاراڻو.

– **اَمرُ الطعام:** ث. طعامن جي ماءُ. ڪڻڪ.

– **اَمرُ الفَضائل:** ث. فضيلتن جي ماءُ. علم.

– **اَمرُ القُريٰ:** اسم خاص. [ع. اَمّ + القري = ڳوٺ = ڳوٺن جي ماءُ] مڪي جو شهر.

– **اَمرُ القُرآن:** ث. قرآن جي ماءُ. سورة فاتحه – الحمد.

– **اَمرُ الكتاب:** ث. ڪتابن جي ماءُ. سورة الفاتحه. قرآن شريف.

– **اَمرُ المؤمنين:** ث. مومنن جي ماءُ. بيبي عائشة جو لقب.

– **اَمرُ النّجوم:** ث. تارن جي ماءُ. ڪهڪشان – ڪير ڌارا.

– **اُمّهاتُ المومنين:** ث. مومنن جون ماڻرون (حضور رسول صلي الله عليه و آله وسلّم جن جا حرم).

• **اَمرَ:** ظرف. [١. عُمر > اَمر: ٢. اَمالڪ > امر] عمر لاءِ. (ث) رومرَ – جُلهه – ڪاهه رخ.

– **اَمرَ ڏَمرَ لاڙي ڏيڻ:** اکيون پوري ڪر ڪي لڳي وڃڻ.

– **اَمرَ لاءِ وڃڻ:** هميشه لاءِ وڃڻ. عمر ڪي وڃڻ.

• **اَمرَ ڪرڻ (ل):** اکيون پوري روانو ٿيڻ. منهن ڪري وڃڻ. رخ رکي هليو وڃڻ.

• **اَما، اَمانْ:** ث. [ع. اَمرٌ: سن. اَمّا] ماءُ – اَمرَ. پيار ڪان ڏيءِ. ٽُنهَنْ يا ڪنهن به چوڪريءَ يا عورت کي سڏڻ جو عزت پريو لفظ.

• **اَمّا:** حرف جملو [ع] پر – مگر – ليڪن.

• **اَمّا بعد:** ظرف. ان کان پوءِ.

• **اَماڻڻ:** مصدر. ٽاڻڻ. اوندو ڪرڻ. (اَماڻيو – اَماڻيندو – اَماڻيل).

– **اَماڻي ڪرڻ:** مرمت لاءِ ٻيڙيءَ کي اوندو ڪرڻ.

• **اَماڻو ج اَماڻا:** ذ.صفت. [سن. اُنْمتّ = چريو. مست. نشي ۾] چريو – ديوانو – مست. پليل – گمراهه – غافل. اڌنگو "اَندو الوهيت کان. آهي اي اما ٿو" (شاهه).

• **اَماڻ ج اَماڻ (الس):** ذ. جسم جو ڏن کان هيٺيون پاڳو. نهاڻين (ل).

• **اِمارَت:** ث. [ع] اميري. سرداري. حڪومت.

• **اَمارو:** ذ. [ع. اَماره = ٻڌڻ ڏي امر ڪندڙ] ٻڌڻ ڏاين لاءِ تيار ڪندڙ "نفس امارو".

• **اَمارو ج اَمارا (ل):** ذ. اوپارو – اوپر – اُپرڻ "اڄ پڻ اَمارو چوڏهين ۽ ماه چند جو" (شاهه) تياري – سانباهو – سنيت – قصد. پوري پڪي ارادي وارو – ترت سانباهو. "آيل! اَمارو آهي پريين پار جو" (شاهه).

• **اَماڙ ج اَماڙ:** ذ. [سن. اُلمڪ] باهه جو اَمڙ – باهه جي وڏي اماڙي.

– اُماوَ ج اُماوَا: ذ. باهه جو هنج – ٻيڙ – جهڙگو. تجلو – جمڪو.
– اُماوِي ج اُماوِيُون: ث.ه [سنڌ. اُلُمڪ] برندڙ ڪاني. ڪوچڙي – ڇٽانتي. باهه جي ڇپي – برندڙ ٻندي.
– اُماوِي ڏيڻ: باهه ڏيڻ – ڏنب ڏيڻ.
• اُماسُ: ث. ذ. [سن. اُماواسيا] ڪاراڻ. چند جي مهيني جو پويون ڏينهن. اُونداهي پک جو پويون ڏينهن – "پورنماسي" جو ضد.
• اُماس جهڙي: صفت. بلڪل ڪاري – ٻنهه ڪاري. ڪاري ڪاري ٻاٽ.
• اماڪِن: ذ. [ع. مڪان، ج اماڪين] جڳهيون جايون – هنڌ.
• اُمالڪُ: ظرف. اوجتو. يڪدم – جهت پت.
• اُمالو ج اُمالا: ذ. صفت. ٿورو آلو – اڌوڪو. (ث) اُمالي ج اُماليُون.
• اُماليون ڪرڻ: نشا ڪرڻ – نشا ٻنا ڪرڻ. خوش گذارڻ.
• اِمالَه: ذ. [ع. اِمالةٌ - مائل ڪرڻ، موڙڻ] الف اماله (صرف نحو مطابق اهو الف جو "ي" ۾ بدلائجي "رڪاب > رڪيب، ڏاج > ڏيج>".
• اِمامُ ج اِمامُ: ذ. [ع] اڳواڻ – پيشوا – سونهون – رهبر – هادي. مقتدا – سردار – مهندار. مذهبي رهنما. هر هڪ فن يا علم جو وڏو ماهر. جماعت ڪي نماز پڙهائيندڙ – جماعت جو اڳواڻ. تسبيح جو وڏو دائرو.
– اِمام أعظَم: اسم خاص. امام ابو حنيفو (نعمان بن ثابت) فقه حنفي جو باني.
– امام الانام: ذ. صفت. ماڻهن جو مهندار.
• اِمام بارگاه: ث.ها جاءِ جيڪا خاص ڪري ماتمداري لاءِ ٺهيل هجي.
– اِماڻَتُ: ث.ه [ع. اِمامة] اڳواڻي – پيشوائي. مهنداري – سرداري.
– اِمامت ڪرڻ: پيشوائي ڪرڻ – اڳواڻي ڪرڻ. اڳواڻ ٿي نماز پڙهائڻ.
– اِمامُ ضامنُ: ذ.امام موسيٰ رضا جو لقب "اِمامِ ضامن جو رپيو" اهو رپيو جو ويساه وارا امام رضا جي نالي تي ياسي تعويذ طور ٻانهن ۾ ٻڌن)
• اِمام غائِب: ذ. شيعن جي عقيدي موجب بارهون امام مهدي (جيڪو غائب ٿي ويو هو ۽ قيامت جي ويجهو ظهور ڪندو).
– اِمام غزالي: اسم خاص. امام محمد بن محمد غزالي (٤٥٠هـ – ٥٠٥هـ) (طوس شهر جو ويڙل اسلامي فلسفي ۽ الاهيات جو وڏو عالم).
– اِماميه: ذ. بارهن امامن ۾ اعتقاد رکڻ وارو فرقو. کين "اثناعشريه" به سڏيندا آهن.
– اِمامَيْن: ذ. [ع] ٻه امام يعني حضرت حسن ۽ حضرت حسين.
• امان: ث. ماءُ – امڙ. ماءُ کي مخاطب ٿيڻ جو لفظ.
• اَمانْ: ث. [ع] پناهه – حفاظت. سلامتي – بچاءِ ـ جهلو. اجهو – ڊڪ "الأمان = خدا جي پناهه".
• امان ۾ رکڻ: حفاظت ۾ رکڻ پناهه ڏيڻ.
• اَمانا: اَمن کان سوا.
• اَمانَتْ ج اَمانَتُون: ث. [ع. اَمانَة] حفاظت خاطر هٿيڪي رکيل شيءِ. اُها شيءِ جا ڪنهن کي حفاظت سان رکڻ لاءِ ڏجي. ايمانداري – ديانتداري. انصافي فيصلو. امين جو فيصلو. هٿيڪائي.
– اَمانتدارْ ج اَمانتدارَ: ذ. صفت. [امانت + فـ دار = رکندڙ] ايماندار – سچو – امين – معتبر – پروسي جهڙو – مصنفه رکيل شيءِ جي حفاظت ڪندڙ.
– اَمانت رکڻ: ڪا شيءِ ڪنهن وٽ حافظت لاءِ رکڻ.
– اَمانت ڪرڻ: اَمين ٿي فيصلو ڪرڻ – انصافي فيصلو ڪرڻ – امين ٿي ملهه ڪرڻ.
– اَمانت ۾ خيانَتْ: محاوري. اَمانت طور رکيل شيءِ ۾ ٻي ايماني يا ڪَپت.
– اَمانت ۾ خيانت ڪرڻ: اَمانت طور رکيل شيءِ سان هٿ چراند ڪرڻ. ڪَپت ڪرڻ.
– اَمانت نامو ج اَمانت نامَا: ذ. انصافي فيصلي ڪرائڻ لاءِ لکيل دستاويز.
– اَمانتي: ذ.صفت. امانت طور رکيل. اماني (ڪر يا فيصلو).
– اَماني ج اَماني: صفت. امانت طور رکيل (شيءِ) امانت تي ڪر. اعتبار تي ڪر – بنا پول ڪر.
• اَمانْگهرو ج اَمانْگهرا: ذ. صفت. گهٽو آلو. بي خوفه.
• اَمانو ج اَمانا: ذ. صفت. [أ = نه + مان = عزت] بي مانو – بي عزت "جي تسليم ٿيا تحقيق سين. اوه ڪئن اَمانا" (شاه). "سَمانو" جو ضد.
• اَماڻُ (ل): ث. امانت. امان – سلامتي. امانت ۾ رکيل. لاش جو امانت طور دفن ڪجي يا ٻئي ياسي دفن ڪرڻ لاءِ موڪلجي.
– اَماڻُ ڪري رکڻ: امانت ڪري رکڻ. جنازي کي امانت طور زمين جي سپرد ڪرڻ.
• اَماڻڻُ: مصدر. روانو ڪرڻ – موڪلڻ. ٿورو اڳيرو ڪري ڇڏڻ. (اَماڻيو – اَماڻيندو – اَماڻيل).
• اَماهڻُ: مصدر. اَمهاڻڻ (ڪورو ٿاڻڻ).
• اَمائڻُ: مصدر. ٽڪر جي ڪوري ٿاڻ کي پاڻي ۾ پسائڻ. ڪورو ٿاڻ بجائڻ. ڪوري ٿاڻ کي پهرين پاڻي سان ڏوئي صاف ڪري پوءِ ڪم آڻڻ. (اَمائيو – اَمائيندو – اَمائيل).
– اَمائِجڻ: مصدر "اَمائڻ" مان نعل مجهول. ٽڪر جو ڪورو ٿاڻ پاڻي ۾ بجائڻ.
• اَماهِي ج اَماهِيُونْ: ث. اَيساهي – اَيڪ. دَمَ – دمڪشي. ساهه جي

مونجهه. ڪنگهه.

• **اَمْباري:** ث. ڏسو "اَنْباري".

• **اَمْبَرُ:** ذ. [سن. اَنْبَر - گهيرو. آسپاس] فضا - آسمان. ڪڪر. عنبر.

• **اَمْبَلُ ج اَمْبَلُون:** ث. ڏسو "اَنْبَلُ - سينڊي - ويهاريل عورت - سريته هيراڪ (ل)".

– **اَمبل ڇمبل ٽيڻ:** هڪٻئي تان قربان ٿيڻ - گهوري گهوري وڃڻ.

• **اَمْبِيو ج اَمْبِياء:** ذ. ديڳ رڌڻ لاءِ لوهه يا ڪاٺ جي وڏي ڊوئي - اَنْبِي. صفحي جي آخر ۾ ڪنهن ڪتاب يا مضمون ۾ صفحن کي مربوط ۽ مسلسل رکڻ لاءِ لکندا آهن).

• **اَمَتُ ج اُمَتُون:** ث. [ع. اُمَّة] ڪنهن نبيءَ جا پوئلڳ. پيروي ڪندڙ گروهه يا قوم. مخلوقات. خلق.

– **اَمَتِي:** ذ. صفت. پوئلڳ - مُقلد - پيروي ڪندڙ.

• **اِمْتِحانُ ج اِمْتِحانات:** ذ. [ع] آزمائش - پرک. شاگردن جي پڙهائيءَ جي جاچ پڙتال.

• **اِمْتِدادُ:** ذ. [ع] مدت وڌائڻ جي حالت.

• **اِمْتِزاجُ:** ذ. [ع] ملاوٽ - آميزش. تحليل. طبّ جي اصطلاح ۾ ٻن يا زياده شين جي هڪٻئي سان ملي وڃڻ جي حالت.

• **اِمْتِلاءُ:** ذ. [ع] بدهضمي جو بار. بدهضمي. جوڳير.

• **اِمْتِناعُ:** ذ. [ع] روڪ - بندش - اَٽڪ - ممانعت.

• **اِمْتِنانُ:** ذ. [ع] ٿورو - احسان.

• **اِمْتِيازُ:** ذ. [ع] فرق - تفاوت. سمجهه. تميز - شعور.

– **اِمتيازي:** صفت. امتياز وارو - نمايان.

• **اَمَتُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مَتَ = برابر] جنهن جو مٽ نہ هجي - لاثاني - بي مثال.

• **اَمِتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + مرشْتْ = صاف ڪرڻ] نہ ڌهندڙ. غير فاني - لازوال - پائدار. اَٽل - مضبوط.

• **اَمْثالُ:** ذ. [ع. مَثَلُ ج اَمثال] پهاڪا. مثال طور ٽوٽڪا.

• **اَمپائِر:** ذ. [انگ. umpire] "ڪرڪيٽ" راند جو امين.

• **اِمپورٽ:** ذ. [انگ. import] ٻاهران مال جي آمدني - آوت.

• **اِمپيريل:** صفت. [انگ. imperial] شهنشاه سان متعلق. شهنشاهي - شاهي.

• **اَمْجَدُ:** ذ. صفت. [ع. "مَجيدُ" جو تفضيل] نهايت سڳورو - وڏو بزرگ - تمام بلارو.

• **امجهه، امجهه:** صفت. نہ منجهڻ جهڙي - سولائي سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙي "آهي جي امجهه، توءِ ڪنيي بجهيئو" (لطف الله قادري).

• **اَمْجهوُ ج اَمْجهوُ (ل):** ذ. صفت. نہ سمجهندڙ - بي سمجهه اياتو. "سمجهو" جو ضد.

– **اَمْجهايو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِمْدادَ ج اِمدادُون:** ث. [ع] مدد طور ڏنل رقم. عطيو - بخشش - چندو. عنايت - احسان.

• **اِمداد باهميءِ:** ث. هڪ ٻئي جي مدد - هڪٻئي سان ڳنڍجي ڪم ڪرڻ.

– **اِمداد ڪرڻ:** احسان ڪرڻ - عنايت ڪرڻ. بخش ڪرڻ.

• **اَمْرُ ج اَمْرَ:** ذ. [ع] حڪم - فرمان - آگيا. اجازت - اِذن. قضا. لکيو (خدا جي طرفان). تقدير. ارادو. مسئلو. گرامر ۾ حڪم ڏيڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو مصدر مان "ڻ" ڪڍي ڇڏڻ سان ٺهندو آهي. جيئن لکڻ > لک. وڃڻ > وڃ، وغيره).

– **اَمْرِ اِسْتِقبال:** ذ. ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ اَمر "لکج. اچج. وغيره".

– **اَمْرِ الاهي:** ذ. خدائي حڪم. قضا - قسمت - تقدير.

– **اَمْرِ تَمنّا:** ذ. تمنا جو اظهار ڪندڙ امر "پجائج! جيارج. وغيره".

– **اَمْرِ حال:** ذ. هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ اَمر "ڪلا! ڪَجا! اَت. وغيره".

– **اَمْرِ ڪُن:** حڪم مڃڻ. رب جي رضا مڃڻ "آڳي جا اَمُر ڪڍ نہ خالي نہ ٽئين" (شاهه).

– **اَمْرِ ۾ آڻڻ:** حڪم هيٺ آڻڻ. تابع ڪرڻ - فرمانبردار بنائڻ.

– **اَمْرِ مَجِنْ:** حڪم مڃڻ - حڪم جي پيروي ڪرڻ.

– **اَمْرِ نَهي:** ذ. انڪار يا ناڪار جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ اَمر "نہ ڪر. مَ ڪر".

– **اَمْري:** صفت. خدائي امر ڪان. فطرتي - قدرتي. غير مصنوعي.

• **اَمَرُ:** صفت. [اَ = نہ + مَر < مرڻ] جو ڪڏهين به مَري يا ناس نہ ٿئي - لازوال - اَبناسي - غير فاني - زنده جاويد - سدائين جيئرو - اَمِتُ.

– **اَمَر ڪَلي:** ذ. اهو ميوو جنهن جي ڪائڻ سان سدائين جيئرو رهجي.

• **امر ڳهنڊ (ث):** ث. شاديءَ جي هڪ رسم موجب تِٿ جي سڄاڻپ لاءِ ڏاڪي ۾ ڏنل ڳنڊيون مان آخرين ڳنڊ.

• **اَمْراضُ:** ذ. [ع. مَرَضُ ج اَمراضُ] مَرَض - بيماريون - اڳهاڙون.

• **اَمْراضِ مُتَوارِثه:** ذ. موروثي بيماريون (جهڙوڪ سلهه. ڪوڙهه وغيره).

• **امراض مُتعدي:** ذ. وڃڻڌڙ بيماريون.

• **اُمَراءُ:** ذ. [ع. اَميرُ ج اُمراء] امير - وڏا ماڻهو. سردار. دولتمند - معزز.

• **اُمَرائي:** ث. اَميري. وڏائي. شان شوڪت.

• **اُمِرْتُ:** ذ. [اَ = نہ + مَرت = مرڻ] سدا حيات رکندڙ - سدائين جيئرو

رکندڙ (پاڻي، شيءِ) — حياتي بخشيندڙ. اِڪسير — فائديمند.
— **اَمرت جَل:** ذ. سدا حيات رکندڙ پاڻي — آبحيات.
— **اَمرت ويلا:** ذ. پرڀات جو وقت — صبح صادق.
— **اَمرتي:** صفت. آبحيات جهڙو مٺو پاڻي يا شراب.
• **اَمرُت ڌارا:** ث. هڪ قسم جي دوا (جا ڪافور، جائ ۽ ولايتي مان ٺاهيندا آهن. اڪثر گهٽو مرضن لاءِ مفيد هوندي آهي).
• **اَمرتسَر:** اسم خاص. اولهه پنجاب ۾ هڪ مشهور شهر (جنهن ۾ سکن جو وڏو "گردوارو" آهي).
• **اَمرُڊ** ج **اَمرُڊَ:** ذ. صفت. [اَ = نه + مرد] لاسڙات — ڇپرو — نو عمر. نابالغ چوڪرو.
• **اَمرو** ج **اَمرا:** ذ. ڪربو. واهي.
• **اَمروٽ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش تاج محمد رحه امروتي ٿي گذريو آهي). تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
— **اِمروز:** ظرف. [ف] اڄ — اجوڪو ڏينهن.
— **اِمروز فردا:** ظرف. اڄ سڀاڻي.
• **اِمروز فردا ڪرڻ:** اڄ سڀاڻي ڪرڻ — ٽالڻ.
• **اِمروش** ج **اِمروشَ:** ذ. يارهن سالن کان وڏي ۽ جمار جو اُٺ
• **اَمروهي** ج **اَمروهيُون:** ث. موسيقيءَ جو هڪ هنر — سرگم جي بي ڇڪي "آروهي" جو ضد.
• **اِمرُءُ القَيسَ:** اسم خاص. عرب جو هڪ مشهور شاعر.
• **اَمريو** ج **اَمريا:** ذ. [سن. اَنبَر] درجي جوڪت جو مٽيون ڪاٺه
• **اَمڙ:** ث. [عَ. اُمّ: سن. اَمبا. اَمبيا] اَمي — ماتا — جيجل — آيل.
— **اَمڙي:** ث. ماءُ لاءِ پيار جو لفظ. "اما" جو تصغير.
• **اَمَڙ** ج **اَمَڙَ:** ذ. صفت. [اَ = نه + مَڙ < مَڙڻ] نه مُڙندڙ. ضدي. بي جيو.
• **اَمڙو** ج **اَمڙو:** ذ. [سن. اَلَڪ] اَماڙي — بريل ڪاني. باهه جي جِبي.
— **اَمڙو ڏيڻ:** باهه ڏيڻ — اولاڻيا ڏيڻ. ڏُڪ رسائڻ. تنگ ڪرڻ.
• **اَمس:** ث. [سن. اُشْر] سخت گرمي — اُبس — ٻَٽ — گهُٽ.
• **اِمساڪ:** ذ. [عَ] جَتاءُ (جماع ۾) — بندِيج. ڪنجوسي.
— **اِمساڪ جي گوري:** ث. امساڪ پيدا ڪندڙ دوا (جا گوليءَ جي صورت ۾ هجي) — حب مُمسڪ.
• **اِمسال:** ظرف. [ف] هن سال.
• **اِمشب:** ظرف. [ف] اڄ رات.
• **اِمڪانَ:** ذ. [عَ] شَڪتي — ٽيڪي. طاقت. مجال — اختيار. شڪ. احتمال.
— **اِمڪاني:** صفت. ممڪن — ٽيڻ جهڙو.
• **اَمڪنَه:** ذ. [عَ. مڪان ج اَمڪنه] مڪان — جايون — هنڌ.
• **اَمڪو** ج **اَمڪا:** ذ. [سن. اَمْڪ] فلاٽو — تيرو. ڪوبه ماٺهو. خسيس ماڻهو.
— **اَمڪو ڍمڪو:** ذ. فلاٽو تيرو — تيرو مٽيرو. ڪوبه رواجي ماڻهو.
• **اَمڪ** ج **اَمڪَ:** ذ. صفت. [اَ = نه + مَڪ < مَڪڻ] مَڪ ڪان سواءِ. بنا سٽيءِ جي — زڪو — اڻٽيو.
• **اَمَل:** ذ. [هـ. اَمَل] نشو. آفيم. [سن. اَ = نه + مَل = ميل. گند] ميل ڪان سواءِ ـ صاف — سٿرو. خالص — نج.
— **اَمل پاڻي ڪرڻ:** نشو پاڻي ڪرڻ. چاندو پاڻي ڪرڻ. نيرن ڪرڻ.
• **اَمَلي** ج **اَمَلي:** ذ. صفت. اَمل ڪائيندڙ — آفيمي. نشئي — موالي.
• **اَمَلَ** ج **اَمُلَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + مُولِيه] جنهن جي قيمت نه ڏيئي سگهجي. بي بها — قيمتي "اَمُل اَساري پئي، پوري جت پڇو" (شاهه).
— **اَمُل ماڻڪ:** ذ. اهو هيرو جنهن جي قيمت ڪٿي نه سهڪجي — بي بها هيرو.
• **اِمْلا:** ث. [عَ. اِملاء = پرڻ < پورو ڪرڻ. لکڻ] علم تهجي — هجي ڪرڻ جو علم. مشق. رسم الخط جي موافق لکڻ جي حالت — صورت خطي.
• **اِمْلاڪ** ج **اِمْلاڪون:** ث. [عَ. مِلْڪ ج اِملاك] (سنڌيءَ ۾ واحد طور استعمال ٿيندڙ لفظ) ملڪيت — دولت — جائداد.
• **اَمْلتاسَ:** ذ. [سن. اَمْلَ وِيتَس] پساڪري رکر جو هڪ قسم (جو جلاب طور ڪم اچي) — اَملتاسَ — چمڪٽي.
• **اَمُلهَ** ج **اَملهَ:** صفت. [سن. اَ + مُولِيه] بي بها — بيحد قيمتي.
— **اَمُلهه ماڻڪ:** ذ. بي بها هيرو — قيمتي هيرو.
• **اِمْلِي** ج **اِمْلِيون (ث):** ث. [سن. اِمْلِيكا] گدامڑي — آمري.
• **اُمَڙ:** ث. [عَ. اُمّه ج اُمَر] اُمّتون — قومون.
• **اَمَن، اَمْن** ج **اَمَن:** ذ. [عَ. اَمْن] صُلح — سانت. پناهه — حفاظت — سلامتي — بچاءُ. آرام — عافيت — سُک.
— **اَمَن اَمان:** ذ. صلح سانت — سلامتي — پناهه. "ڪنڌي ساريان ڪان، يا اَمن اَمانَ" (شاهه).
— **اَمَن عِما** ج **اَمَن عِمائُون:** ث. مُلڪ ۾ صلح سانت قائم ڪندڙ جماعت. هندستان ۾ خلافت جي تحريڪ خلاف پرچار ڪندڙ جماعت (جا انگريزن جي ناهيل هئي).
— **اَمن عِمائي:** ذ. امن سڀا جو ميمبر. انگريزن جو چاڙتو.
• **اَمَن:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **اَمْنا ج اَمْناؤن:** ث. [ع. اَمْنًا - مجرد] مجرد جي حالت. قبوليت – اقرار – مجتا. امان – حفاظت – پناھ

– **اَمْنا تمنا:** ث. (اَمْنا + تمنّا) آسرو اميد – آرزو – خواھش.

– **اَمْنا هُجن:** شڪست قبول ڪرڻ. بانْ ڪرڻ. توبہ ڪرڻ.

• **اَمْنا هُجن:** قبول هُجن.

• **اَمْنگ ج اَمْنگ:** ذ. [سن. اُدْمَنْ = اُڀلي پوڻ. پلتجڻ. جڙھڻ. موجون ڏيڻ] موج. جوش. جَذبو – اُدمو. لَھر – ترنگ. ريجھ. اُتساھ.

– **اَمْنگي:** ذ. صفت. جذبي وارو. جذباتي. موجي. اُتساھي.

• **اَمْنگڻ:** مصدر. جوش ۾ اچڻ. جذبي ۾ پرجڻ. موج ۾ اچڻ. (اَمْنگيو – اَمْنگيل).

• **اموات:** ذ. [ع. موت' ج اموات] گھڻا موت.

• **امواج:** ذ. [ع. موج ج موجون] لھرين – چولين.

• **اموال:** ذ. [ع. مال' ج اموال] ملڪيتون. تمام گھڻي دولت.

• **اَموٹ ج اَموٹ:** صفت. [اَ + موٹ < موٹڻ] نہ موتندڙ – اڻموٹ – بھادر – سورھيہ.

• **امور:** ذ. [ع. امر' ج امور'] گھڻا ڪم.

• **امور سلطنت:** ذ. حڪومت جا ڪم. حڪمراني جا فرائض.

• **اَمُولڪ:** ذ. صفت. [سن. اَموليہ + ڪ] اَملھ – بي بھا – قيمتي.

• **اَمُونڌھ:** ظرف. عميق – اونھو – اَڪونجھ. سمنڊ "اوسيئڙو اَمونڌھ جو. منان مور مَ لاھ" (بياض وفا). (صفت) جھجھو – گھڻو.

• **امھات:** ث. [ع. ام ج امھات] مائرون.

• **اَمھاڙي ج اَمھاڙيُون (ل):** ث. صفت. اُھا جويائي جنھن کي ويامڻ وقت ڦر مَنھن پر نہ اچي.

• **اَمھائڻ، اومائڻ:** مصدر. ڪرو نڪر جو ٿان. استعمال کان اڳ پائي ۾ ٻُسائڻ. ٻَھريون پيرو ڪر ۾ آڻڻ. (اَماھيو – اَمھائيندو – اَمھايل).

• **اَمھڑو ج اَمھڑا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + منھن + ڑو] اُھو ٻار يا ڦر جو اُبتو جمي (يعني اول ننگون پيرو مٿو نڪري. اھڑو ويھر نھايت ڏکيو ھوندو آھي). (ث) اَمھڑي ج اَمھڑيُون.

• **اَمھڑو:** صفت. موڳو رنگ (برنڪي سائونڪي ڪميت).

• **اَمي ج اَميُون:** ث. [سن. اَمبا] اما – اَمڙ – جيجل.

• **اُمّي:** صفت. [ع] اَڻ پڙھيل – ناخواندہ. حضور پاڪ جن جو لقب.

• **اَميتڻ (ل):** مصدر. ماپڻ – مَٽڻ – پرڻ. (اَميتيو – اَميتيندو – اَميتيل).

– **اَميتَ ج اَميتُون:** ث. ماپ. پلٽ. گھٽائي. اَڌ مَٽ جي حالت.

• **اَميٹڻي ج اَميٹڻيُون:** ث. سونارن جو ھڪ اوزار (لوھ جي انبوري جنھن تي پٽڻ جا پارڙا گول ڪجن).

• **اَميچڻ:** مصدر. گُندڻ. (اَميچيو – اَميچيندو – اَميچيل).

• **اَميدَ ج اَميدُون:** ث. [ف] آس – آرزو – تمنّا. توقع. آسرو – پروسو. حمل – پيٽ.

– **اَميد پَلڻ:** آس لاھڻ – آسرو لاھڻ.

– **اَميد پُڄائڻ:** آس پوري ڪرڻ – تمنّا پوري ڪرڻ.

• **اَميد رکڻ:** آسرو رکڻ. پروسو رکڻ.

– **اَميدوار ج اَميدوار:** ذ. صفت. اَميد رکندڙ – آس وارو – آسائتو – آسروند – متمني. گھور – خواھشمند.

– **اَميد واري ج اَميدواريون:** ث. آس – اَميد. پيٽ حمل (صفت) آسائتي. حامله ـ گبھوراڙي.

– **اَميد واري ٽيڻ:** پيٽ ٽيڻ – حمل ٽيڻ.

• **اَميدپُور:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **اَميدپور:** اسم خاص. تعلقي ميھڙ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **اَميرُ ج اَميرَ:** ذ. صفت. [ع] سردار – سالار – اڳواڻ. حاڪم. دولتمند – شاھوڪار – غني.

– **اَميرُ الاُمَراء:** ذ. امرين جو اَمير. وڏو سردار.

– **اَميرُ الْبَحْر:** ذ. بحر جو امير. دريائي فوج جو وڏو عملدار.

– **اَميرُ الْمومنيُن:** ذ. مومنن جو اَميرُ. مسلمانن جو حاڪم. نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خليفن جو لقب.

– **اَميرُ اُمْراء:** ذ. وڏا ماڻھو – حاڪمَ.

– **اَميرائو ج اَميرائا:** ذ. صفت. اَميرن وارو – اميرن جو. شاھاڻو – حاڪماڻو.

– **اَميرائي:** ث. اَميري – سرداري. شاھوڪاري.

– **اَميرزادو ج اَميرزادا:** ذ. سردار زادو. حاڪم زادو.

– **اَميرزادي ج اَميرزاديون:** ث. سردار زادي. حاڪم زادي.

– **اَميرَ ماڻھُو:** ذ. صفت. وڏو ماڻھو – اَمير. شريف انسان. شاھوڪار – دولتمند.

– **اَميري ج اَميريُون:** ث. سرداري. حاڪمي. بادشاھي. شاھوڪاري – تونگري.

• **اَميرآباد:** اسم خاص. گھوٽڪي ۽ ڪڙھي خيري تعلقن ۾ ديھن جو نالو.

• **اَمير بخش لغاري:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **اَميرشاھ:** اسم خاص. تعلقي ڪڙھي ياسين ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **اميرو:** ذ. هڪ جي ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين.

• **اميري ج اميريُون:** ث. ڪوركي ڏانڊي جو لفظ. ڳنڍ جو هڪ قسم (ڏاڪي جي ٻن ٽڪرن يا ٽنڊن جون ٻچاڙيون گڏي وٺ ڏيڻي ڳنڍ ڏيڻ آهي).

– **اميري پاڙ:** وڻي ڳنڍ ڏيڻ يا ملائڻ. ڳنڍيڻ – ملائڻ "چنن توء مَ ڇڻ، ٻاء اميري اَن سين" (شاهه).

– **اميري ڏيڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ ٽنڊل تند کي وٺ ڏيڻي ڳنڍيڻ.

• **اميس:** ذ. [سن. اميشَ < اَما = پاروتي + اِيش = خاوند = اَما (يا پاروتي) جو مڙس يعني شو مهراج] شِو مهراج "هر هر ڪن اميس، ڏون ڏيهاڙي ڏوتيا".

• **اميگراڻي:** اسر خاص. بتاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **اميل:** صفت. صاف. سڄار.

• **اميلاڻو:** اسر خاص. تعلقي ڪراڇي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِيَن ج اَميڻ:** ذ. صفت. [ع] امانت وارو. ايماندار. حقي فيصلو ڪندڙ – عادل. حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب. ثالث – ٽياڪر. ٻنهين جي پڙتال ڪندڙ.

– **اَمين وارَڻ:** فيصلي لاءِ ڪو ماڻهو مقرر ڪرڻ – ٻن ڌرين جي نبيري لاءِ ڪوتيو ماڻهو تجويز ڪرڻ.

• **اَميناڻي:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِيَن اوڪڙ:** اسر خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميَنگ:** ظرف. بي انداز – تمام گهڻون.

• **اَمين نرِرو:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميو ج اَميا:** ذ. صفت. اَڻ ميو – بيشمار – بي انداز. اَپارَ – اڪيچارَ "لَڻ ۽ ڏوتي ڪنڌين، اَميو آهي" (شاهه).

• **اَميّه:** اسر خاص. [ع] عرب جي قريش قبيلي جي هڪ فرد جو نالو (جنهن جو اولاد "بَنو اَميّه" سڏبو آهي).

• **اَن:** ظرف. انڪاري آواز.

• **اَنَ ج اَنّ:** ذ. [سن. اَنّ] اَناج – داڻا (جوئر، باجهري، ڪڻڪ وغيره جا) – غلو.

– **اَن اَهاري:** ذ. صفت. اَن تي گذران ڪندڙ.

– **اَنّ آڇو ڪرڻ:** ڪري ۾ ٻيل اَن صاف ڪرڻ.

– **اَنّ پاڻي:** ذ. داڻو پاڻي – آب داڻو. رزق. ڀوڳو. نصيبو.

– **اَنَ پڙيو ج اَن پڙيا:** ذ. صفت. اَن جي پڙيءَ وارو (واباري). پڙيءَ تي ويهي اَن وڪندڙ.

– **اَن جَلُ:** ذ. داڻو پاڻي – آب داڻو – ڀوڳو پاڻي. نصيبو.

– **اَن جَلُ هُشڻ:** داڻو پاڻي هٽڻ – ڀوڳو پاڻي هٽڻ.

– **اَن داتا:** ذ. رزق رسائيندڙ – رازق. مالڪ راجا.

– **اَن وڻهن:** پڪين کي چوڳي لاءِ اَن ڏيڻ. پڪين قاسائڻ لاءِ جهنگ ۾ اَن هاري ڇڏڻ – ڀوڳو وڻهڻ.

– **اَن وسڻ:** سُڪار ٿيڻ.

• **اِنَ (ل):** ضمير. هن – اِنهي.

• **اِن پر:** ظرف. اِنَ طرح – اهڙيءَ طرح "اِن پر اَئي آء، تہ سودو ٿيئي سڳورو" (شاهه).

• **اُنَ (ل):** ضمير. هُنَ.

• **اُنَ:** ث. [سن. اُوْرْ < اَرْ = گهٽو، رڙ. نندو گهٽو] ڏنبي يا گهٽي جا وارَ – پشم.

• **اَنا:** ضمير. [ع] آءِ – مان.

• **انا:** ث. [ترڪي] دفعي – آيا (جيڪا بار کي ڪيريارڻ لاءِ مقرر ٽيل هجي).

• **اَناالْحَقّ:** جملو. [ع] "آءِ خود حقّ آهيان" (منصور حلاج جو ٻي خودي ۽ وارو نعرو).

• **اَناڻُ ج اَناڻ:** ذ. صفت. [سن. اَ + ناڻَ = مالڪ] نڏڻڪو – لاوارث – اڌين. يتيم – چورو.

• **اِناڻ:** ث. [ع. اُنْثيٰ ج اِناثْ] مادين. زالون.

• **اَناهو (ل):** ذ. نيلوفر جو ٻج – ڪُمّ جو ٻج – ناپو (جو غريب ماڻهو ڏڻ طور اَن ڪري کائين) "اَناهي جون اَن جي، مٽن تي مو ڏيون" (شاهه).

• **اَناءُ:** ذ. [سن. اَنادْيَ] هر قسم جو اَنّ ـ غلو.

• **اَناجيل:** اسر خاص. [ع. اَنجيل ج اِناجيل] عيسائين جو پاڪ ڪتاب جنهن ۾ متي، مُرقس، لوقا ۽ يوحنا. اهي چارئي ڪتاب سمايل آهن.

• **اَنادِ:** صفت. [سن] جنهن کي شروعات نہ هجي. اَزل. قديم – جهونو.

– **اَنادي:** صفت. ازلي – قديمي.

• **اَنادرڪي (ڪ):** ظرف. ناحقي. بي خبريءَ سان – ازغيبي – اوچتو.

• **اَناڙ ج اَناڙ:** ذ. [ع] ڏاڙهون. آتشبازيءَ جو هڪ قسم.

– **اَناردانا:** ذ. ڏاڙهونءَ جا داڻا – سُڪل ڏاڙهون (جي مصالحي طور ڪم اچن).

• **اَنارڪلي:** اسر خاص. [فـ. اَنار + هـ. ڪلي = مکڙي = ڏاڙهونءَ جي مکڙي] اڪبر بادشاه جي هڪ بانهيءَ جو نالو (جنهن جو اصل نالو نادره بيگم هو ۽ جهانگير جي خدمت تي مامور ٿيل هئي). لاهور جي هڪ بازار جو نالو (جنهن جي لڳ انارڪليءَ جي قبر آهي).

• **اَناڙ ج اَناڙا (ل):** ذ. بيڄا هلت – اڻڄاڻائي. (صفت) بيوقوف – احمق.

– **اَناوَڻ (ث)، اَناوَڙ، اَناوَ ٿيو:** ف. بيوقوفي، اڌڪاڻي.
– **اَناوَ ڪرڻ:** بيجا هلت ڪرڻ – اَڻڪي هلت هلڻ.
• **اَناڙي ج اَناڙي:** ذ. صفت. [سن. اَناريه < اَن + اَريه - اَڻ آريه] اَڻ سڌريل – جهنگلي، جٽ – نادان، خسيس – گهٽ. اَڻ آزمود گار – سيکڙات. احمق. نالائق.
• **اَناسَرت:** ث. [سن. اَن + سَمرثيه - طاقت] بيهوشي – هوڏو – غشي، بي خبري (ظرف) اوچتو – اتفاقاً – ازغيبي.
– **اَناسَرتي:** ث. بيهوشي – بي خبري. غفلت.
• **اَناسو ج اَناسا:** ذ. صفت. [سن. اَ - نَ + ناس - نڪ يا وات] بي نڪو – نراجو. جنهن کي ناس پتو نه هجي – نَوَد – اَڻاسو.
• **اَناطولِيه:** اسر خاص. ايشيا مائنر جي هڪ شهر جو نالو.
• **اَنامَ:** ذ. [ع] خلق. ماڻهو – خلقت.
• **اَنانَ ج اَناڻ:** ذ. صفت. [ع. اَنانَ - گهٽو ڪنجهندڙ] چريو – بي سمجهه. مست – مدهوش "رات وياري واڙيون، آيا مست اَنانَ" (خليفو نبي بخش).
• **اَنانِيَّت:** ث. [ع] پاڻپڻو – آپ – خودي، خود ثنائي – خود پرستي.
• **اَنانَ ج اَناڻ (ل):** ذ. صفت. صفا چريو – بنهه موڪو. اَنانَ.
• **اِناءِ ج اِناءَ:** ذ. [ع. آن. آنيَة] برتن – ٽانڊ.
• **اَناڻ:** مصدر. سڌ جي ورندي ڏيڻ. ڏانهن ٻڌڻ. عرض آگهائڻ. هڪل جو جواب ڏيڻ. (اَنائيو – اَنائيندو – اَنائيل).
• **اَنبَ ج اَنبَه:** ذ. [سن. اَمْرَ] هڪ مشهور ميوي جو نالو – آمو. اڪ جي هڪ بيماري.
– **اَنب ڇوڙ:** ذ. انبڙين جو ڇور (مصالحي طور ڪم اچي).
• **انبار ج اَنبارَ:** ذ. [ف] ڍڳ – ڍير. اَنڍ جي ٻار. حوض. ٻاڻ. (اسر خاص) تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **انبارخانو:** ذ. سڌي سامان رکڻ جي جاءِ – توشا خانو – پاندو – گدام. مخزن.
– **اَنبارچي ج اَنبارچي:** ذ. صفت. انباردار – توشا خاني جو سنياليندڙ.
– **اَنباردار:** ذ. صفت. اَنڍ جي سنيال رکندڙ – واهي – ڪارائو – ڪانگڙو – راکو.
• **اَنباري ج اَنباريون:** ث. [ع. عَمّاريه > ف. عماري > انباري] هنباري – پالکي – ڏولي. هاٿيءَ جي مودي. هودو. محفو. چوٽي – آسمان.
– **اَنباريءَ چڙهڻ:** پالکيءَ ۾ چڙهڻ. چوٽيءَ تي ڇڙهڻ. وڏي درجي کي پهچڻ.
• **اَنباڻِي:** اسر خاص. ٻپ جبل ۾ هڪ بستيءَ جو نالو.
• **اَنبَجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَنبَرَ ج اَنبَرَ:** ذ. [سن. اَمْبَر - گهيرو. آسمان] گهيرو – آسپاس. آسمان. فضا – اٿير "برياڻي ڏ ٻار، ڦوڪ ڏ لڳي انبرين" (شاه). پوشاڪ ڪيهه. زعفران. فتڪي. عنبر. [ف] انبوري – پڪڙ.
– **اَنبَري:** ذ. صفت. آسمان يا ڪڪرن جهڙو (ڪاغذ). سماوي رنگ جو.
– **اَنبرينْ چڙهڻ:** آسمان تي چڙهڻ – آڪڙ يا تڪبّر ڪرڻ. برّ ٽيڻ – زور ٿي رڄڻ.
• **اَنبرَتُ:** ذ. [سن. اَمْرت] امرت – آب حياته. اڪسير – ترياق. (صفت) هضم ٿيندڙ – خوشگوار.
• **اَنبڙي ج اَنبڙيون:** ث. [سن. آمْرَ - انب] اڌ پڪل انب – ڪچو انبَ. اَنبي.
• **اِنبِساطُ:** ذ. [ع] خوشي – آرام – فرحت – عيش. مزو – آنند.
• **اَنبُ ڪُنيرو:** ذ. ڪنهارن جي ڪم جو هڪ اوزار (پٿر يا ٻڪر جو گولو جو ڪڇيءَ دڪيءَ وغيره کي ٽپڻ مهل ٽيڪ طور ڪم اچي).
• **انب ڪليو:** ذ. اهو هوڙ جنهن ۾ انب پيل هجي (خصوصاً ڪنهي طرف هوڙ جو هڪ قسم).
• **اَنبَل (ل):** ذ. وهٽن جو ٽلو. (صفت) پيار ڪندڙ. هٽ هيرو. هم صحبت.
• **اَنبَلّ (ل):** ث. ويهاريل عورت – سينڌي.
• **اَنبَڌَت:** اَٽڪڻ ـ ناسازي. ڪلفت.
• **اَنبوجي ج اَنبوجيون:** ث ڏسو "هنبوجي".
• **اَنبُوزِ اَنبُوزَ:** ذ. [ف] هڪ قسم جو اوزار – وڏي اَنبوري – جَنبور.
• **انبُورَ:** ذ. شڪاري پکي (باز) جا وڏا ننڍا. ٽسين وارا وڏا ڏند. (ڪتي وغيره جا).
• **اَنبُوري ج اَنبُوريون:** ث. [ف. انبور] ڪوڪڻ ڪيڏ لاءِ لوهه جو هڪ اوزار – نندو اَنبور – جَنبوري.
• **اَنبوهُ ج اَنبوهَ:** ذ. [ف] ميڙ – گوڙ – هجوم – گهڻن ماڻهن جو ميڙاڪو. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.
– **اَنبوهِ ريش:** ث. گهاٽي ڏاڙهي.
– **اَنبوهناڪ:** ذ. صفت. گاهت وارو. وڏو – ڪشادو.
– **اَنبوهي ج اَنبوهيون:** ث. گاهت.
• **اَنبي ج اَنبيون:** ث. ڏوڻي (ديگ رڌڻ جي) – هنبي. انبڙي (ل).
• **اَنبياءُ:** ذ. [ع. نَبي ج اَنبياء] نَبي سڳورا – پيغمبر.
• **اَنبيقُ ج اَنبيقْ:** ذ. [يوناني] ڪرنڊل.
• **اَنبيڪو ج اَنبيڪا (ل):** ذ. رنگريزن (ڪتين) جي اصطلاح ۾ گدامڙيءَ جي بجن جو پورو (جو ڪپڙن رنگڻ جي ڪم اچي).
• **اَنبيو ج اَنبيا:** ذ. پٽ وغيره رڌڻ لاءِ ڪاٺو – اَنبي – هنبي.

• **اَنْهوڏ:** ذ. [سن. اَنبوڌ] پوءِ جو خيال – يادگيري – سنيار – سمڪ.

• **اَنْهيرڻ** (ث): مصدر. ڪير ڪي جماڻ لاءِ سنباڻ وهڻ. (انهيريو – انهيرينڊو – انهيريل).

• **اَنْهاءِ ج اَنْهاءَ:** ذ. [سن. اَنباڌ] يقين. سمجهه. آزمودو. پروڙ – پَرجهه. اٽڪ گيان – عين اليقين.

• **اَنْهِو:** ذ. [سن. اَنْهِو] فهم – ادراڪ – سمجهه. ٽڪي ڪٽ – پالو (ل).

• **اَنْهِوڙو ج اَنْهِوڙا:** ذ. وانگوڙو (وارن جو). چوٽو.

• **اَنْهِي:** ٿ. [سن. اَنْباڌ] جاڻ – پروڙ – سمجهه. تياس – انومان.

– **اَنْهِي جو آڪاسُ:** ذ. معرفت جي منزل يا درجو.

– **اَنْهِي جوتِ:** ٿ. اندر جي روشني – باطني نور – اندر جو سوجهرو "اَنْهِي جوت اندر ۾، سنهه ستڙ ٻري" (سامي).

• **اَنْهِيءِ ج اَنْهِيُون:** ٿ. ڪاٺ جي ڏگهي ڏوئي جا ڏيڍ ردڙ وقت ڪم اچي. زمين کوٽڻ جي ڪاني. رنبي.

• **اَنْتُ:** ذ. [سن. اَنْتَ] حد – چيهه – پڇاڙي. آخر – انتها. ڳجهه – راز – باطن. اندروني حالت يا طبيعت. حياتيءَ جو خاتمو – موت. خبر. حسابه.

• **انت اولاڪ:** ذ. [انت = چيهه - اولاڪ = سواريءَ جو وهت] آخري حد ڪي پهچندڙ. مار جو ماهر "توڙي انت اولاڪ ڏ پڻ آه ڏ سلن عامر ڪي" (بلال شاه).

– **آنت ڪال:** ذ. موت جو پويون دم.

– **اَنت ڳيڻ، لهڻ:** ڳجهه يا راز معلوم ڪرڻ – منجهه ڪڍڻ.

– **اَنت ۾:** ظرفه پڇاڙيءَ ۾ ـ آخرڪار – آخرين.

– **اَنت نه پارُ ڇهڻ:** تمام گهڻو هجڻ – بيشمار هجڻ.

– **اَنت وڃڻ:** راز معلوم ڪرڻ – ڳجهه هٽ ڪرڻ.

– **اَنت ويلو:** ذ. آخرين وقت – پويون وقت. موت جي گهڙي – پويون دم.

• **اَنْتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + نَتِيه = دائمي] عارضي – فاني – بي بقا.

• **اِنْتباهُ:** ذ. [ع] تنبيهه – تاڪيد – جتاءِ. تاڪيدي اطلاع.

• **اِنْتخابُ:** ذ. [ع] چونڊ. ڏٺي ڪڍڻ جي حالت. اختصار – خلاصو.

• **اِنتخابات:** ذ. چونڊون (ووٽن ذريعي). چونڊيل ٽڪرا (نظر يا نثر جا).

• **اَنْتَرُ:** ظرف. [سن. اَنْتَر] اندر ـ ۾ ـ وچ ۾.

• **اَنْتَرَ:** ذ. [سن. اَنْتَرْ] وچ – مفاصلو – وچين جڳهه. مُدو – عرصو. فرق. موقعو. سانگو. نفس – دل – روح. راز.

– **اَنتر آڌما:** ٿ. روح. اندروني جذبات ۽ عواطف. دل – ضمير.

– **اَنتر آرامي:** ذ. صفت. پنهنجي اندر ۾ حظ حاصل ڪندڙ – روحاني راحت وارو.

– **اَنتر ڌيان:** ذ. استغراق – محويت – فنافي الله جي حالت. مراقبو – سماڌ.

– **اَنتر ڏاهه:** ٿ. ڪنهن گرهه جي اثر جي مهل.

– **انتر راشٽريه:** صفت. بين الاقوامي.

– **انترگٽ:** ٿ. اندر جو احساس دل جي حالت – اندر جو خيال.

– **اَنتر گيان:** ذ. اندروني جاڻ – اِلهاءِ – الهام – ڪشف.

– **اَنترامي:** صفت. اندر ۾ جيڪي وهي واپاري تنهن جو جاڻندڙ. برهما. رازدان.

• **اَنْتَرَ مَنْتَرُ:** ذ. [سن. اَنْتَرَ + مَنْتَر] ٽوٽو ٽپٽو. شعبده ـ افسون – ڪامڻ – سحر.

• **اَنْتَرنامي:** ذ. وڃت جو هڪ قسم.

• **اَنْتَرنگُ:** ذ. [سن. اَنتَر + انگ = لفظ جو بنيادي پاڳو يا انگ] عزيز – ويجهو مائٽ – گهاٽو دوست.

• **اَنْترو ج اَنْترا:** ذ. [سن. اَنْترا] راڳ جو وچون پاڳو. راڳ ۾ آستائي (ٽلهه) کان پوءِ مُصرع جي چوٽي يا ڌار.

• **اَنترپو (ث):** ذ. بار جي هڪ پاسي لاٽ – اوٿر – آلار.

• **اِنْتِسابُ:** ذ. [ع] نسبت – لاڳاپو – واسطو – تعلق.

• **اِنْتِشارُ:** ذ. [ع] اشاعت – ڦهلاءِ. پرچار. ڦوٽ – وڪوڙ. مونجهارو.

• **اِنْتِظارُ ج اِنْتِظارَ:** ذ. [ع. نَظَر] واٽ نهارڻ جي حالت – اوسيڙو – فڪر – ڳڻتي – جهوري. اونو.

– **اِنتظار آميز:** ذ. صفت. ڳڻتيءَ ۾ وڌندڙ (ڳالهه).

– **اِنتظار ڪرڻ:** اوسيڙو ڪرڻ. واٽون نهارڻ – اکيون پاڻي ڏيڻ.

– **اِنتظار ڪش:** ذ. انتظار ڪندڙ.

• **اِنْتِظامُ ج اِنْتِظامَ:** ذ. [ع] بندوبست – جوڙجڪ – اهتمام. ترتيب – نظام. سرانجامي. ضابطو. سرشتو.

– **اِنتظام ڪرڻ:** جوڙجڪ ڪرڻ – ضابطو ڪرڻ.

– **اِنتظام ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ.

– **اِنتقاد:** ذ. [ع] تنقيد ـ نڪته چيني ـ ٽيڪاٽپڻي.

• **اِنْتِقالُ:** ذ. [ع] هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ جي حالت – روانگي. لاڏاڻو – وفات – مرتيو.

– **اِنتقال آراضي:** ٿ. زمين جي ڪاتي بدل.

– **اِنتقال ڪرڻ:** لڏي وڃڻ. مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.

– **اِنتقال مرض:** ذ. بيماريءَ جي هڪ عضوي کان ٻئي ڏانهن وڃڻ جي حالت.

– **اِنتقال نامو:** ملڪيت جي بدل سدل جو دستاويز.

– **اِنتقالو:** ذ. سڪرات واري وقت ۾ ڪيل خيرات. ڪانڊيي جو پت.

– **اِنتقالي:** ٿ. ملڪيت جي تحويل ۽ تبديل.

• **اِنْتِقامَ:** ذ. [ع] ويڑ – بدلو.

• **اِنْتِها:** ث. [ع] حد – پڇاڙي – دنگ. آخر – نهايت – پڇائي – ٽوڙ. اوج – عروج. تڪميل.
– **اِنتها پسنڊ:** ذ. صفت. ملڪي ڀَالهين ۾ گرم ڏروارو. فسادي.
• **اِنتهائي:** صفت. حد کان وڌيڪ – بيحد – تمام گهڻو.
• **اَنْتي ج اَنْتيون:** ث [سن.] ڇاڙهو – واڌارو – ترقي – بهبودي.
• **اِنْڪَر:** ذ. [انگ. inter] وچون – وچ وارو – وچولو.
– **اِنترڪلاسُ:** ذ. ريل گاڏيءَ جو وچون درجو.
– **اِنتر ميڊيٽ:** صفت. [انگ. intermediate] درميانو – وچولو. وچٿرو. ڊرائنگ جو پيو نمبر امتحان. ڪاليج جو ٻئي سال جو امتحان.
– **اِنْٽرنيشنل:** صفت. [انگ. international] اَنتر راشٽريه ـ بين الاقوامي.
– **اِنترويل:** ث. [انگ. interval] وچون فاصلو يا مُدو – وقفو – رسيس – تفريح لاءِ چوٽي موڪل.
– **اِنترويُو:** ذ. [انگ. interview] ملاقات.
• **اِنْٽرنْس:** ذ. [انگ. enterance] داخلو. داخل ٿيڻ جي جاءِ. شروع ابتدا.
• **اِنْترودَڪْشن:** ذ. [انگ. introduction] تعارف – هڪٻئي سان سڃاڻپ.
• **اِنْٽرسْٽ:** ذ. [انگ. interest] شوق – دلچسپي. ويا ج. فائدو.
• **اَنْشيُ:** ث. [ع] مادي.
• **اَنْجار:** اسم خاص. ڪچ جي هڪ شهر جو نالو.
• **اَنْجامُ ج اَنْجامَ:** ذ. [ف] آخر – پڇاڙي – خاتمو. عاقبت – نتيجو. اقرار – عهد – قول – وعدو – وچن.
– **اَنجام شڪني:** ث. وعده خلافي – اقرار جي پڄڪڙي.
– **اَنجام ڪار:** ظرف. نيٺ – آخرڪار.
– **اَنجامي ج اَنجامي:** صفت. انجام وارو – انجام ڏنل (ماڻهو) – هول ٻڌل – ضمن وارو.
– **اَنجامي ڪوڙ:** ذ. وعده خلاف – قول نه پاڙيندڙ – بيوفا.
• **اَنْجبارُ:** ذ. [ع. ف] فرات ندي‌ءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي (جا ڪنڊ وغيره سان ملائي رت بند ڪرڻ لاءِ دوا طور ڪم آڻيندا آهن).
• **اِنجبارُ:** ذ. [ع] پگهل هڏ کي ٻڌڻ جي حالت.
• **اَنْجبين:** ث. [ف. اَنگبين] شهد – ماکي.
• **اَنْجَلي ج اَنْجَليُون:** ث. [سن. اَنْجَل] لَب – ٻَڪ – ڇرون.
• **انجليون ڏيڻ (ث):** مٿي جي نيٺ پنج پنج ٻڪ پاڻي جا ڪنهن سائي وڻ کي ڏيڻ.
• **اَنْجَم:** ذ. [ع. نجم ج اَنجم] تارو – ستارو.
• **اِنْجماڊ:** ذ. [ع. جَمَدَ] جَمڻ (پاڻيءَ وغيره) جي حالت.
• **اَنْجُمَن ج اَنْجُمَنُون:** ث. [ف] جماعت سڀا – ڪاميٽي – سوسائٽي. مجلس – بزم – محفل – سنسٿا – ميڙ.
– **اَنجمَن آرا:** ذ. صفت. محفل سينگاريندڙ (اسم خاص) گل خندان قصي ۾ جان عالم جي معشوقه جو نالو.
– **اَنجمن اَفروز:** ذ. صفت. اَنجمن کي روشن ڪندڙ.
– **اَنجمن گاه:** ذ. ميڙ جي جاءِ.
• **اَنْجَنْ:** ذ. [سن. اَنْجَنَ] سُرمو – ڪجل. مرهر. نانگ جو هڪ قسم. هڪ جبل جو نالو.
– **اَنجن ساڙ:** ذ. سُرمو.
• **اِنْجن:** ث. [انگ. engine] انجڻ – مشين.
• **اِنْجنيرُ ج اِنْجنيرَ:** ذ. [انگ. enginer] انجٽين جي ڪر جو ماهر. انجنيري ڪاتي جو آفيسر. مُهندس. عمارتن وغيره جي ڪر جو ماهر.
– **اِنجنيري ڪاتو:** ذ. آبادي‌ءَ جي پاڻي‌ءَ، رستن. مشينن. بجلي‌ءَ وغيره جي سنڀال جو ڪاتو.
• **اَنْجَنْ:** مصدر. اَباتجڻ. تڙڦڻ (انجٽيو – انجٽيل).
• **اِنْجِنْ ج اِنْجِنْيون:** ث. [انگ. engine] مشن – ڪَلَ.
• **اِنجِنْ ج اِنجٽيون:** ث. ريل جي گاڏن کي ڇڪيندڙ مشن وارو گاڏو.
• **اِنْجِڻِي ج اِنْجِڻِيُون:** ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم – نندي هريڙ.
• **اَنْجِيرُ ج اَنْجِيرَ:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قسم.
• **اِنْجِيسُ ج اِنْجِيس:** ذ. [انگ. hinge] دروازي وغيره جي طاق کي جهليندڙ لوهي چيڙي.
• **اِنْجيڪْشن:** ث. [انگ. injection] سُئي‌ءَ جي وسيلي جسم ۾ دوا داخل ڪرڻ – سُئي هڻڻ.
• **اِنْجيل ج اِنْجيلَ اَناجيل:** ذ. [ع] حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب. بائيبل. نئون عهدنامو. خوشخبري.
• **اَنْجهَ ج اَنْجهُون (لس):** ث. وهندڙ ڪوڙهو – سنهو لڙڪ "تنهن کي سائين‌ءَ بنان صاحبڏنو چئي، اَنْجهه نه اوڪاڻي" (صاحبڏنو).
• **اِنْچ ج اِنْچَ:** ذ. [انگ. inch] هڪ فٽ جو بارهون حصو.
– **اِنچي رَندو:** ذ. هڪ انچ ويڪري تيغ وارو رَندو (واڌڪو اوزار).
• **اِنچارج:** صفت. [انگ. inhcarge] ٻئي جي بدران ڪم هلائيندڙ. مُهتمر. (ظرف) بدلي‌ءَ ۾ ـ حوالي ۾.
• **اَنْچَلَ ج اَنْچَلَ:** ذ. [سن. اَنچل] ڪپڙي جي ڪناري يا ڪنڊ (خاص ڪري زنانه ڪپڙي جهڙوڪ برقعي، شال يا ڇني‌ءَ جي) – دامن. پلُ.
• **اَنْچلاسَر:** اسم خاص. ڪارونجهر ٽڪر (ننگر پارڪر) تي هڪ تيرٿ جو نالو.

• **اَنْجلو ج اَنْجلا:** ذ. [سن. انجلْ] چائي – پَروڻ. صاف. پلڻ.
• **انجوڄ انجا:** ظرف. ڏسو "اجن اوجو".
• **اِنْجا ج اِنْجائون:** ٿ. [سن. اِنْجا] اِچا – خواهش – تمنا – آرزو. مرضي – ارادو.
• **اَنْجَر:** ذ. [سن. آچارَ] چڱا لڇڻ – عادتون – اخلاق. (صفت) گهٽو – جهجهو – جام – مٺو.
– **اَنْجر لڇي وڃڻ:** ڏڪ لڳي وڃڻ – جام ٿي وڃڻ – بي انداز هڻڻ.
• **اِنحراف:** ذ. [ع] نافرماني – بيجائي. انڪار (حڪم مڃڻ کان) – سرڪشي.
– **اِنحرافي:** ٿ. نافرماني – حڪم عدولي. پڇڪڙي (قاعدي جي) – مخالفت – سرڪشي.
• **اِنحصار:** ذ. [ع] مدار – آڌار – دارومدار.
• **اِنحطاط:** ذ. [ع] تنزل. ڪمي – گهٽتائي.
• **اَنْدَ ج اَنْدَوَن (ل):** ٿ. [سن. اَنْتَ] اَنت – ڇيڙ – ڇيڙو. ڪنارو – پاسو (ڪپڙي جو).
• **انداخت:** صفت. [ف] اچلايل. ڪيل – خارج.
• **اَنْداري ج اَنْداريون:** ٿ. [سن. اَنترايَه = رندڪ. انڪ] ڪرو – ڪُنڊيو. بانس جي اندرين ڳنڍ.
• **اَنْدازْ ج اَنْدازْ:** ذ. [ف] طرز – ڍنگ – نمونو. ڍول. انگل – آرو – نخرو. وزن – مقدار. تور – ماپ. ڳاٽيو. ڪٽ – اٽڪل – تخمينو. (صفت) [ف. مصدر. انداختن > انداز = اچلائيندڙ] مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اسر فاعل جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ "تيرانداز. گولہ انداز وغيره".
• **انداوا:** ظرف. اٽڪل روءِ.
• **انداز سخن:** ذ. ڳالهہ ڪرڻ جو ڍنگ.
• **انداز کان پاهر:** محاورو. شمار کان گهٽو – تمام گهٽو.
• **انداز گفتگو:** ذ. گفتگو جو طريقو.
– **اَنْدازو:** ذ. انداز – ڪٽ – تخمينو.
• **اَنْدامْ ج اَندامَ:** ذ. [ف] لڳ – عضوو – انگ "آدمين سڀ اندام. جڏن منهنجا جوريا" (شاهہ).
• **اَنْدَر:** ظرف. [ف] منجهہ – وچ ۾.
• **اَنْدَرْ:** ذ. [ف. اَندر. سن. اَنْتَر] اندريون پاڳو – منجهہ – وڇ. دل – قلب. راز – ڳجهہ – پيد پرهيز (ڪ).
– **اَندر اجارڻ:** دل صفا ڪرڻ. قلب تان ڪٽ لاهڻ. نيڪ ٿيڻ.
– **اَندران:** ظرف. گهر. جاءِ. وغيره جي اندرئين پاسي کان. اندر مان – دل مان.
– **اَندران ٽي اَچڻ:** گهر مان ٽي اچڻ. ڪنهن جي اندر جو راز معلوم هڻڻ. ارادن يا خيالن جي واقفيت هڻڻ.
– **اَندران ٽي اَندران:** ظرف. ڳجهہ ڳوهہ ۾ ۽ لڪ ڇپ ۾.
– **اَندر باهر:** ظرف. حاضر ۽ غير حاضر (گهر ۾). اندران ۽ باهران. ظاهري ۽ لڪل (خيالات).
– **اَندر باهر هُجڻ:** گهر ۾ نہ هجڻ – مسافريءَ ۾ هجڻ.
– **اَندر پهَر:** ٿ. هڪ قسر جي پٽن راند (جا جَوا ڪرڻ وقت رهندا آهن).
– **اَندر پهراڻي:** ٿ. اندر هڪڙي ۽ باهر بي – منافقي. لاڻي چائي.
– **اَندر پهرو:** ذ. صفت. لاڻي چائي ڪندڙ – مُنافق.
– **اَندرُ ٺري پَوڻ:** دل کي راحت اچڻ. بيحد خوشي ٿيڻ.
– **اَندر ساڙ:** جگر جلائڻ – دل کي رنج يا تڪليف پهچائڻ. ڏک ڏيڻ. طعنا مهڻا ڏيڻي ڏکوئڻ.
– **اَندر ڪارو ج اَندر ڪارا:** ذ. صفت. دل جو پليد – اندر کوٽو – دغاباز. منافق – ڪنڊو.
– **اَندرَ ڪاڙ:** ذ.صفت. ناميد – مايوس. شڪي. پشيمان. گنهگار. بي ايمان.
– **اَندرَ ڪُنڊو ج اَندر ڪُنڊا:** ذ. صفت. اندر جو پليد – منافق. دل ۾ دغا رکندڙ.
– **اَندرَ ڪوٽو ج اَندر ڪوٽا:** ذ. صفت. دل جو پليد – منافق. دغاباز. بدخواه ۽ بد نيتَ.
– **اَندرَ ۾ ڇُريُون. ڪاٽيُون هُجڻ:** دل ۾ دغائون هجڻ. اندر ۾ ساڙ هڻڻ. رقابت ۽ نقصان پهچائڻ جا ارادا هجڻ.
– **اَندرَ ۾ ڪاڻ هُڻڻ:** دل ۾ دغا هُڻڻ – بدخواهي هڻڻ.
– **اَندرَ ۾ ڪيُون هُڻڻ:** اندر ۾ ڪوٽ هڻڻ.
– **اَندرَ ۾ لُڊيُون هُڻڻ:** دل ۾ دغائون هڻڻ.
– **اَندرَ وارو:** ذ. صفت. اندر جو (قاضي). ضمير – وِيڪ.
– **اَندَرُوْن:** ظرف.اندر مان – دل مان – گهرجي اندران. منجهان – وڃان.
– **اَندرُوني ج اَندرُوني:** صفت. اندريون. لڪل – ڳجهو – باطني. معنوي.
– **اَندرين ج اَندريُون:** ٿ. 'اندريون' جو مونث. ملهہ جو هڪ داءُ – اندرئين پاسي وارو جانور.(صفت) اندر واري. باطني (ڳالهہ).
– **اَندرين باهرين وهڻ:** ٻئي پاسا وهڻ. بنهي طرفن يا ڏرين سان ساز باز هڻڻ. بچاپڙائي ڪرڻ – لاڻي چالي ڪرڻ – منافقي ڪرڻ.
– **اَندريوْن ج اَندريانْ:** ذ. صفت. اندر وارو – اندر جو.
– **اَندريُون هڻڻ:** ڳجهو وڙهڻ. دغائون ڪرڻ.

• **اِنْدَرْ:** اسم خاص. [سن. اِنْدْرَ - ڪمورتي' بعد سپني ۾ وڏو ديوتا] زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهندڙ ديوتائن جو راجا. ديون ۽ پرين جو بادشاهه (راجا اندر جو عام طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ ديون ۽ پرين جو راجا سڏيو ويندو آهي).

– **اِندر جو اَکاڙو:** ذ. راجا اندر جي محفل جي جاءِ. راجا. اندر ۽ پرين جي عيش عشرت يا گهاڻئ وجهاڻئ جي محفل. حسين عورتن جي محفل.

– **اِندر سَبها:** ث. راجا اندر جي دربار.

• **اَنْدَرَ ج اَنْدَرُ:** ذ. [سن. اِنْدْرَ] ڪمرو – گهر ڏانءِ.

• **اِنْدِرائو (ڪ):** ذ. صفت. لڪل – ڳجهو.

• **اِنْدِراڄ:** ذ. [ع. دَرَجَ] دَرج ڪرڻ جي حالت – داخلا – نوٽنڊ.

• **اِنْدِرَهُن:** ذ. [ف] هوتي جو هڪ قسم (جنهن جو بيج دوا طور ڪم اچي). پساركي وڪرجو هڪ قسم. بيضوي شڪل جي ين وارو زنگي گل.

• **اِنْدْرَسُ (ت):** ذ. موچين جي اصطلاح ۾ ڪتاب يا جتيءَ جي پني کي اندران ڏنل چمڙو.

• **اِنْدري ج اِنْدرِيُون:** ث. [سن. اِنْدرِيَ] حواس. بدني طاقت.

– **اِنْدري جُلابَ:** ذ. گهٽي پيشاب آڻڻ جي دوا.

– **اِندرِيُون وس ڪرڻ:** حواسن کي قبضي ۾ رکڻ. حواسن کي روڪڻ.

• **اَنْد گلي ج اَنْدگلِيُون:** ث. ڇڇي – سانڊي.

• **اَنْدلُس:** اسم خاص. [اندلوسيا] اسپين لاءِ عربن جو نالو. هسپانيه (جو خليفي وليد جي حڪومت ۾ سنه ۹۲هـ مطابق ۷۱۰ع ۾ طارق بن زياد فتح ڪيو).

• **اِنْدمال:** ذ. [ع. دمل = خم پرڻ] زخم پرجڻ جي حالت. صحتيابي.

• **اَنْدوخْتَه:** صفت. [ف. اَنْدوختَن] گڏ ڪيل (مال). (ذ) مُوڙي – ڀڃايل موڙي. ذخيرو. ميڙي چونڊي. حاصلات.

• **اَنْدوراهَ:** ث. زاري – وينتي – آزي.

• **اندوز:** صفت. [ف] حاصل ڪيل. گڏ ڪيل – ميڙيل (رقم). مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي "لطف اندوز وغيره".

• **اَندوڻ:** ذ. [سن. اَنْدولَن = لَڏڻ. جهولڻ] لوڏ. جُنبش – ولولو. تحريڪ – هلجل.

• **اَندوهُ:** ذ. صفت. [فن. اَندوه] رنج – غم – ڏک – ارمان – فڪر – ڳڻتي. خيال – اڌڪو. انتظار "عاشقن اندوهه. سدا معشوقن جو" (شاهه).

• **اندوهه اَچڻ:** فڪر ۾ غلطان ٿيڻ – غم جو اَندَ جڙهڻ.

– **اَندوهگِينُ:** ذ. صفت. غمگين – ڏکويل. دردمند.

– **اَندوهناڪ:** ذ. صفت. دردناڪ.

• **اَندي ج اَندِيُون (ل):** ث. [سن. اَنْتَ] ڪپڙي جي ڪناري. درياءَ جي پرين پَر.

• **اَنْديش:** اسم فاعل. [ف] مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ اچي اسم فاعل جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ "خيرانديش. دورانديش وغيره".

• **انديش:** اسم فاعل. سوچيندڙ – غور ڪندڙ – ويچار وارو.

• **اَنْديشو ج اَنْديشا:** ذ. [ف. انديشه] خطرو – خيال – ڪتڪو – ڊپ. گمان. ڳڻتي – اڌڪو.

– **اَنْديشه ناڪ:** صفت. خوفناڪ – ڊپائتو – خطري وارو.

• **اَنْڊ ج اَنْڊِيُون:** ث. [سن. اَنْڈَ] اونده – انڊوڪار. آنڊ.

• **انڈار:** ذ. انڈاري – اونده.

• **اَنْڊِيُون اَچڻ:** اکين تي رَڌ جڙهڻ – اکين اڳيان آنڊ اچڻ. حوصلا خطا ٿيڻ – بدحواس ٿيڻ.

• **اَنْڊ ج اَنْڈَ:** ذ. [سن. اَنڈ - انڈو. اونداهو] اَنڌائي. بي علمي – جهالت. وڌائي – هٺ – تڪبّر. آڪڙ – مغروري. بي ساڃاهي – بيحيائي. بي پرواهي. ظلم – قهر.

– **اَنْڊ تي چَڙهڻ:** اکين پوري ڪم ڪرڻ. ظلم تي سندرو ٻڌڻ.

– **اَنڊ جي گهوڙي تي چڙهڻ:** گمراهيءَ جي جنون تي جڙهڻ. ڪاوڙ يا جهالت سبب ضد تي جڙهڻ. بيپرواهي اختيار ڪرڻ. ظلم ڪرڻ – ڏاڍ ڪرڻ. غريبان مار ڪرڻ.

– **اَنْڊ ڏُنڈ:** ذ. اَندوڪار – اونداهي. انتشار – گڙٻڙ – وگوڙ. بدانتظامي – بي بندوبستي. مونجهارو – رولو. بي انصافي – ڪنياءُ.

– **اَنڊ ڏُنڈ ۾:** ظرف. اکيون پوري. جوش ۾. بيڌرڪ. بنا سوچ ويچار جي.

– **اَنڊ راتِي:** ث. اَونداهي رات.

– **اَنڊڪار:** ذ. اونده – انڌارو. ڪاري ٻاڌ. ڏَنڊ.

• **اَنْڊارو ج اَنْڊارا:** ذ. [سن. اَنْڈ + ڪار] اونده – تاريڪي – ڪاراڻ (رات جي).

• **اَنْڊاري ج اَنْڊارِيُون:** ث. [سن. انڈ + ڪار] اونده – اَنڊڪار. گهوڙي جو مڪٿهارو. نار ۾ وهائڻ وقت اُٺ يا ڏاند کي ٻڌڻ جي اڪياڙي.

– **اَنڊاري ڪوڙي:** ث. اَنداهي ڪوڙي. ڪال ڪوڙي (جا جيلن ۾ ٿيندي آهي).

– **اَنڊارِيُون اَچڻ:** مٿي کي چڪر اَچڻ – اکين اڳيان آنڊ آچڻ.

• **اَنْڊاڻ ج اَنْڊاڻ:** ذ. صفت. اکين وڏو – انڌو – نابين.

• **اَنْڊائِي ج اَنْڊائِيُون:** ث. [سن. اَنْڈَتا. اَنْڈَتوا] اَنڊ پڻ – نابينائي – ڪور. چشمي. مستي (نشي جي). ڪاوڙ – جوش. غلبو (شهوت جو). بيپرواهي. ناداني – بيوقوفي. بيحيائي – بيشرمي. جهالت – بي علمي. گمراهي.

• **اَنْڈتُ ج اَنْڈتَ:** ذ. صفت. کنهن ماڻهوءَ لاءِ نفرت جو لفظ. اَنڈو – صفا اَنڈو.

• **اَنْڈپڻ:** ذ. اَنڈائي – نابينائي. جهالت – نادائي. گمراهي.

• **اَنْڈ راڙ، اَنْڈراڙ (ث):** مصدر. اَنَ ٻيهڻ بعد انو جنڊ جي تانئر مان اَڳهي سُڳهي تس ۾ وجهڻ – اَڌارڻ. (اَنڈراڙيو – اَنڈراڙيندو – اَنڈراڙيل).

• **اَنْڈرمنڈر (ث):** ظرف. گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ هر هر – وري وري.

– **اَنْڈرمنڈر پيرو ڪرڻ:** هر هر اچڻ – گهڙيءَ گهڙيءَ اچڻ.

• **اَنْڈرَڻ (ث):** ذ. ڪري ۾ پيل اَنَ اچو ڪرڻ. راڙڻ.

• **اَنْڈرِي:** ٿ. گاهه جو هڪ قسم.

• **اَنْڈگهو (ل):** ذ. امانت ۾ خيانت.

• **اَنْڈو ج اَنْڈا:** ذ. صفت. [سن. اَنْڈ = انڈو] جو اکين کان نہ ڏسي سگهي – نابين – اکين وڏو – اکين سجو – ڪور چشم – بي ديد. ناشناس – بيحياءَ – بيشرم. بي خيال – بيپرواهه. مست – ڇور (نشي ۾). مغرور. جاهل. گمراهه – ڏليل. (ث) اَنْڈي ج اَنْڈيُون.

– **اَنڈن جي خَيراتَ:** محاورو. نڊڻڪو مال. لٽ جو مال – مفت جو مال. معمولي ڪم – آسان ڪم.

– **اَنڈو اُونڊو ٽيڻ:** اکيون پوري لڳو رهڻ (ڪم کي). خدمت چاڪري ڪرڻ. اَکن چکن ٽيڻ.

– **اَنڈو بَنائڻ:** بيخبريءَ ۾ رکڻ. گمراهيءَ ۾ رکڻ. اکين هوندي نگڻ – اکين ۾ سُرمو وجهڻ – اَنڈو ڪرڻ.

– **اَنڈو بنجڻ:** اَنڈو ٽيڻ – نظر وجائڻ.

• **اَنڈو ٻائي:** صفت. انڊ ڏنڊ ۾ ڪم ڪندڙ. ڏڻڻ ۾ ڪم خراب ڪندڙ. بي خيالو. هوڙهالو.

– **اَنڈو ٽيڻ:** اکيون وجائڻ – اکيون ڪڍائڻ – نظر وجائڻ. گمراهه ٽيڻ. بي ديد ٽيڻ.

– **اَنڈو ڪوهڙ:** ذ. اُونده. وارو ۽ نراٽو قتل ڪرهه.

– **اَنڈي جي ڏانگ:** محاورو. اَنڈي جي لَٺ تيڪ – پرجهلو.

– **اَنڈي جي ڪفايتَ:** محاورو. بيسود ڪم – اجائي ڪوشش.

– **اَنڈي جي لَٺ:** محاورو. پرجهلو – تيڪ – پروسو. گذران جو وسيلو. پيريءَ جو سهارو يعني پٽ.

– **اَنڈي جهُومَرَ:** محاورو. بنا سوچ ويچار جي تياري يا روانگي. بنا سمجهه جي روانگي (ڪنهن ڪم لاءِ، جنهن ۾ سواءِ تڪليف جي ٻيو ڪجهه به حاصل نہ ٿئي).

• **اَنْڈوڪار (ث):** ذ. گنگهه اونده – ڪاري ٻات – تاريڪي. غُبار. مينهن يا جهڙ سبب ٽيل اوندهه. اَنڈ ڏُنڊ – بي بندوبستي. ظلم.

• **اَنْڈي ج اَنْڈيُون:** ٿ. [سن. اَنْڈ] "اَنڈو" جو مؤنث. درياءَ جي ٻرين ۾ "اَنڈيءَ وجهڻ، ڪنڊيءَ وجهڻ، ٽنگيان لهي نہ ٽڪ" (شاهه).

• **اَنْڈي هنگر:** ٿ. مانگر مڇ جو هڪ قسم (بنا ڏندن. سسي گول. اکيون ننڍيون، جمڙي ڪاري. پڻيءَ تي وڏا اڇا ٽڪا. ڏهه فٽ ڪن ڏيگهه).

• **اَنْڈيرَ ج اَنْڈيرَ:** ذ. [سن. اَنْڈَڪارَ] اَنڈ ڏنڊ – بي بندوبستي – بدانتظامي. ظلم – ڏاڍ – اَنياءَ.

– **اَنڈير ڪري ڇڏڻ:** ظلم ڪري ڇڏڻ – حد ڪري ڇڏڻ (ظلم جي). (طنزاً) ڪمال ڪري ڇڏڻ. ڪجهه به نہ ڪرڻ.

• **اَنڈيرڪاڻو:** ذ. بي انصافي. بدانتظامي. انڊ ڏنڊ (انتظام ۾).

– **اَنڈير نَگري:** ٿ. ظلم جو شهر – بيداد نگري. بي انصافي – ڪُنياءَ.

• **اَنْڈيرو ج اَنْڈيرا:** ذ. [سن. اَنْڈَڪارَ] اونده – تاريڪي.

• **اَنْڈَرَ ج اَنْڈَرَ (ث):** ذ. [سن. اِنْدُورَ > اَنْدَرَ] ڪُٽو.

• **اِنْڈ ج اِنْڈيُونْ:** ٿ. ٻر – وَٽ ۽ ڪَٻَرَ. اُهڃ – اشارو (ڪ). آکيرو (ل). راند جو هڪ قسم (جا هڪڙيءَ ٽنگ تي ٻيهي ڪُڏجي) – نِرلي راند.

– **اِنڊ ڪَٽڻ:** نِرلي راند ۾ هڪ جنگهه مٿي ڪٽي هلڻ – هڪ پير تي هلڻ.

– **اِنڊ وَڻڻ:** ڪوڏين راند ۾ مخالف راندڙ ڪي ڇڪي ڏيڻ يا رڪاوٽ وجهڻ.

• **اِنْڈ ج اِنْڈُون:** ٿ. بهانو – سبب – عذر. آڙ – آڏ. اعتراض.

– **اَنڊ جا بُنڊ ڪَرڻ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ. اُٿي جو گهوباتو ڪرڻ. اَڏا اَٻتا بهانا ڏيڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ (ڪم). ڦٽي ڏٽي پُورت ڪرڻ (ڪم جي). گڙ ٻڙ ڪرڻ.

– **اَنڊ گُولڻ، وَڻڻ:** عذر گُولڻ – بهانو گُولڻ. آڙ وڻڻ.

• **اِنْڈ پين ج اِنْڈ پينُون:** ٿ. [انگ. independent pen] اهو قلم جنهن ۾ فنس پري جڏجي – فائونٽن پين.

• **اَنْڈَري ج اَنْدرِيُونْ:** ٿ. [سن. وَنْتَ] حصر – پاڳو – پٽي.

• **اَنْڈ گُنْڈ، مُنْڈ:** ذ. ڪن ڪچرو – گند گوجر. مُنجهيل شيُون.

• **اِنْڈَلمَن:** ٿ. [سن. اِنْدْرَدَنُش = اندر جي ڪمان] برسات بند ٿيڻ وقت آسمان ۾ ظاهر ٿيندڙ ستن رنگن وارو ڪماني پٽو – قوس قزح.

• **اِنْڈمان:** اسم. خاص. بنگال جي ايسنڊ ۾ ٻيٽن جو سيڙ (جتي انگريزن جي زماني ۾ هندستان جا ڪاري ٻاٽي، جي سزا وارا قيدي رهندا هئا).

• **اَنْدوڄ اَنْدا:** ذ [سن. اَنْتَ] حدّ پاڻي، جي جاڙهه جي حدّ.
• **اِنْدوڄ اِنْدا:** ذ. [سن. اَنْتَ] آلي ميتيل قرهي، تي اڪر جو نشان. اندن پرڻ جي ڪلڪ ليڪ. درجو. حدّ. هڪ قسم جي ڪوڏين راند. هٿ جي پٺي. اڪ جي غاشي يا زلي، کي ٻڌل ڳنڊ.
– **اِنْدا پرائڻ:** پتي، تي لکيل اکرن مٿان اکر پيرائڻ – اکرن جي مشق ڪرائڻ.
– **اِنْدا پرڻ:** آلي، قرهي، تي ڪلڪ سان لکيل اکرن کي مس سان پرڻ – مشق پڄائڻ.
– **اِندا پائڻ ڪيڏ:** اکرن جي مشق لاءِ ميساريل آلي، پتي، تي قلم سان اکر لکڻ.
– **اِنْدوونڊ:** ڪوڏين جي "ڪڪ مڪ" راند ۾ ڪنڊڙ جو آگرين سڌيون ڪري آگرلو ورائي هٿ جي تري، تي رکڻ. عيوضو ونڊ.
• **اَنْدوڄ اَنْدا:** ذ. [سن. اَدْ – دَري = ڊڄڻ] اُدو – اُدڪو – ڪنڪو – انديشو. ڊپ – خوف. ڀٽڪي – فڪر – خيال.
• **اِنْدي ڄ اِنْدِيُوْنْ:** مث [سن. اِنْدْري] اُها عورت جنهن کي اولاد نه ٿئي – سَنڊ. جنهن کي پيٽ نه ٿئي. ڦرڻ يا وياهڻ کان اڳ ۾ ڪير ڏيندڙ نه ڪري.
• **اِنْدا:** ذ پرڪار – اَفعال. تقليد – نقل.
• **اِنْدُوَرْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَنْرٿ:** ذ. [سن. اَنْ = نه + اَرْتَ = مطلب] بي معنيُ ڪم – اَجايو ڪم. غلط ڪم. اندير – ظلم.
• **انَ ربّ:** ذ. [انَ + ربّ = آڻت] ان جي آڻت يعني باهه "ال ربّ ادب ۾ ايا، انَ ربّ آب نه اوءِ" (جلال ڪتي).
• **اَنرو ڄ اَنرا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + نراشَ، نيرُوگ] انروءِ – اڻهو – ناخوش – بيمار. نياڳو. اهنجو – ڏکي. ڪمزور – ضعيف. "سنرو" جو ضد. هڪ قسم جو ڪيرولي گاهه (جو مڪران جي طرف جام ٿئي) "اوڇارين نه اَنرا، ٻڌا ڇرن نه ٻُور" (شاه).
• **اَنْرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَنْرَ:** اسر خاص. اَنڙ قوم جو هڪ فرد. سنڌ جي مشهور "سمّا" گهراڻي جي حاڪمن مان هڪ حاڪم جو نالو (جو "جام اَنڙ" جي نالي سان مشهور آهي).
• **اَنْرَوُر:** اسر خاص. تعلقي ڪوٽڙي، ۾ هڪ ديهه. ڳوٺ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
• **اَنْرَوْڪي:** اسر خاص. تنڊي ياڳي ۽ گوني تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **اِنْزال:** ذ. [ع. نَزَلَ = لاهڻ. نازل ڪرڻ] نزول. مٿان لهڻ دل ۾ محسوس ٿيڻ.
• **اَنْسُ ڄ اَنْس:** ذ. [سن. اَنْس. اَنْشَه] اٺهور انگ جو مٽيون ياڳو. "چيد" جو ضد.
• **اِنْسُ:** ذ. [ع] ماڻهو – انسان ذات.
• **انيس:** ث. رات "انيس کان وڌ عبدالرحمان چئي ڪيسن ڪاراڻي" (عبدالرحمان مهيس).
• **اُنْسَ:** ذ. [ع] محبت – پيار – الفت. دوستي. ورُوُنهه. انساني همدردي.
• **اَنْسابَ:** ذ. [ع. نَسَبَ ڄ اَنساب] نسل – خاندان. پيڙهيُون – شجرا.
• **اَنْسازُ:** ذ. ڪاري جي پيڙيءَ ۾ "بندول" ۽ "ڪڙ" جي دنگ واري ٽلهي ڪاٺي.
• **اِنْسانُ ڄ اِنْسانَ:** ذ. [ع. اَنس (= هن پيار ڪيو) > انسان] آدمي – ماڻهو – بشر – منُش – پُرڪ – پُرش.
– **اِنْسانُ العَيْنِ:** ذ. اک جي پُتلي – ماڻڪي (جنهن ۾ ماڻهوءَ جي تصوير ڏسڻ ۾ ايندي آهي).
– **اِنْساني ڄ اِنْسانِي:** صفت. انسان جو. انسان وارو. ماڻهوءَ جو.
– **اِنْسانِيَتْ:** مث. آدميت – ماڻهپو. فضيلت – سليقو.
• **اَنْصَبْ:** صفت. [ع. نَصيب" جو تفضيل] وڌيڪ لائق. زياده موزون.
• **اِنْسدادُ:** ذ. [ع. سَدَّ = هن روڪيو] روڪ – بندش. سدباب.
• **انسَرا:** صفت. لاءِ سرندڙ – تمام نندڙا "ال اليهر انسرا، نين ته نرگس نوند" (جلال ڪتي).
• **اِنس وجان:** ذ. ماڻهو ۽ جنات.
• **اِنْشادُ:** ذ. [ع] شعر يا بيت کي بطور شاهديءَ جي پڙهڻ جي حالت. حوالو – سند – شاهد.
• **اِنْشاءُ:** مث. [ع. اِنْشاء] خط و ڪتابت جي قاعدن جو ڪتابه. مضمون نويسي. اعليٰ درجي جي عبارت.
– **اِنْشاپَرداز:** ذ. صفت. مضمون نگار – مضمون نويس. لکڻ جو ماهر. لکيڪ.
– **اِنْشاپَردازي:** ث. مضمون نويسي. عبارت آرائي. ادبي عبارت جي مهارت. ادبي ڍنگ جي لکڻي.
– **اِنْشاظراز:** ذ. صفت. سهڻي ۽ رنگين عبارت لکندڙ.
• **اِنْشاءَاللّٰه:** جملو. [ع] جيڪڏهن اَللّٰه پاڪ ڪهڙيو.
• **اِنشراحَ:** ذ. [ع. شَرَحَ] کلڻ (دل) جي حالت. انبساط – سرهائي – خوشي – فرحت.
• **اِنشورَنْس:** ذ. [انگ. insurance] جوکم – ويمو – تامين.
• **اَنصارُ ڄ اَنصار:** ذ. [ع. ناصِرُ ج اَنصار] مدد ڪار – واهرو. (اسر خاص) مديني جا اُهي مسلمان جن نبي صلي الله عليه و آله وسلم ۽ سندن مهاجر اصحابن کي پناه ڏني هئي.

– **اَنصاري:** ذ. حضرت ابو ايّوب انصاريءَ جو اولاد. "انصار" جو اولاد.

• **اِنصافُ ج اِنصافَ:** ذ. [ع] عدل – نياءَ – داد فيصلو – نبيرو.

– **اِنصاف طَلَب:** ذ. صفت. داد طلب – جنهن کي انصاف جي گهرج هجي – انصاف چاهيندڙ. قياس جوگو – ويچار جوگو.

– **اِنصافُ گهُرڻ:** عدل گهرڻ – داد رَسي چاهڻ. فرياد ڪرڻ.

– **اِنصاف مِڙڻ:** قدر ڪرڻ – داد ڏيڻ – تحسين ڏيڻ – مجرو ڏيڻ. ساراهڻ – گڻ گائڻ.

– **اِنصاف وَٺڻ:** نياءَ وٺڻ – حقاني فيصلو طلب ڪرڻ. داد وٺڻ.

– **اِنصاف هُجي:** محاورو. شاباس هجي – داد هجي – مُجرو هجي.

– **اِنصافي اِنصافُ:** محاورو. پورو پورو نياءَ. حقاني حق. صحيح فيصلو – انصاف پتاندر.

• **اِنصرافُ:** ذ [ع. صَرَفَ = پوئتي هٽڻ] روانگي. نيڪال.

• **اِنصِرام:** ذ. [ع. صرم = وڍڻ] بندوبست – انتظام – تڪميل – خاتمو. پڄاڙي.

• **اِنعامُ ج اِنعامَ:** ذ. [ع. نَعَم] بخشش – سوغات – سوڪڙي – تحفو "احمدي انعام سين لڻي، محبت لڪ" (گرهوڙي).

– **اِنعام اِڪرامَ:** ذ. بخششون ۽ عزّتون. سوڪڙيون ۽ اڪرايون. تحفا تحائف.

– **اِنعام دارُ:** ذ. صفت. [ع. انعام + فـ. دار < داشتن] جنهن کي سرڪاري خدمت جي عوض ۾ انعام طور ڪجهه زمين وغيره مليل هجي.

– **اِنعامي ج اِنعامي:** ذ.صفت. انعام وارو. انعام جو لائق "گنڙ کي تون نه گڏيو، جايين انعامي" (شاه).

• **اَنَڪُ:** ذ. [ع] نڪ.

• **اِنفاذُ:** ذ. [ع. نَفَذَ] حڪم جو اجراءَ – تعميل.

• **اَنفاسُ:** ذ. [ع. نَفَس ج اَنفاس] دَمَ – پساهَ – گهڙيون (ساهه جون).

• **اَنفالُ:** ذ. [ع. نَفَل ج اَنفال] قرآن شريف جي هڪ سورهَ جو نالو. مال غنيمت.

• **اِنفِرادُ:** ذ. [ع. فَرَدَ] يڪو ٿيڻ جي حالت – ايڪو. اڪيلائي.

• **اِنفرادي:** صفت [ع] اڪيلو – تنها. هڪ هڪ ڪري. ڌار ڌار – جدا جدا. شخصي طرح.

– **اِنفِراديّت:** ث. يڪتائي – يگانگي. شخصيّت.

– **اَنفرادي هستي:** ث. شخصي وجود. جيو آتما.

• **اِنفَرميشن:** ث. [انگ. information] اطلاع – خبر – سُڌ.

• **انفُس:** ذ. [ع] نفس جو جمع

• **انفسي:** صفت. پنهنجي نفس اندر سير ڪندڙ.

• **اِنفِصالُ:** ذ. [ع. فَصَلَ] ڇڏڻ يا ڌار ٿيڻ جي حالت.

• **اِنفِعالُ:** ذ. [ع] ندامت – پشيماني. اثر پذيري.

• **اِنفلوئنزا:** ث. [انگ. influenza] بخار جو هڪ قسم (جو وڏندڙ مرضن ۾ شمار ٿئي ٿو. ۽ جنهن ۾ تپ سان گڏ سخت زڪام به ٿيندو آهي).

• **اِنقباضُ:** ذ. [ع. قَبَضَ] ساهه جي سوڙهه يا تنگي – ساهه جي مُونجهه. طبيعت جي ساڻائي – افسردگي.

• **اِنقِسامُ:** ذ. [ع. قَسَمَ] تقسيم – ورهاست.

• **اِنقلابُ ج اِنقلابَ:** ذ. [ع] ڦيرو – گردش. تبديلي – اُلٽ پلٽ. حڪومت جو ڦيرو. گڙبڙ – فساد ـ بادشاه گردي. زماني جي تبديل.

– **اِنقلابُ پسند:** ذ. صفت. انقلابي.

• **اِنقلابِ روزگار، انقلاب زمانه:** ذ. زماني جي گردش – وقت جو ڦيرو.

• **اِنقلابي:** صفت. انقلاب چاهيندڙ – انقلاب آڻيندڙ. حڪومت جي انتظام ۾ تبديلي آڻيندڙ. حڪومت جو مخالف.

• **اِنقِيادُ:** ذ. [ع] فرمانبرداري – تابعداري – مڃتا.

• **اِنكارُ:** ذ. [ع. نَكَرَ = نہ مڃڻ. ناڪار ڪرڻ] ناڪار – نابري – ابا.

• **اِنكاري ج اِنكاري:** ذ. نہ مڃيندڙ – اِنڪار ڪندڙ – نابري واريندڙ – مُنڪر.

• **اِنكاري جُملو:** ذ. اهو جملو جنهن مان "ناڪار" جي معنيٰ نڪري.

• **اِنكِسارُ:** ذ. [ع. كَسَرَ = پڇي پوڻ] عاجزي – نهنائي – نوڙت – تواضع.

• **اِنكِساري:** ث. هيڻاهين – عجز.

• **اَنكُسُ ج اَنكُش:** ذ. [سن. اَڪُڪُش] لوهه جو سوئر يا انگڙو (جنهن سان هاٿيءَ کي هڪلجي).

• **اِنكِشافُ ج اِنكِشافَ:** ذ. [ع. پردو فاش ڪرڻ جي حالت – پرده دري. اظهار – افشاءَ.

• **اَنكُو (ث):** ذ. بلاڻ جي اڳيئين ٽڙي جي وچ واري اپريل چوٽي.

• **اِنكوائري ج اِنكوائريُون:** ث. [انگ. inquiry] پڇا – جاچ – دريافت – تفتيش.

• **انكه:** ث. اکر "انک اکيان نيڪ ڪنول جاه چشم بن رين" (ڏهس).

• **اَنكِرو اَنكِرو (ث):** ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو.

• **اَنگ ج اَنگون:** ث. [سن. اَڱ] انگهه. جيرَ. سُوري – ڦاهي "هوت هلندين ڪنير. جن اَنگن چاڙهيو انگ" (شاه).

– **اَنگون پائڻ:** جيرَ وجهڻ – اَنگهون ڏيڻ.

• **انگ:** ذ. لِکيو (جيڪو "لوح" مر قلم لکيو) – ازل جو لکيو. پاڳو. پاڳ – نصيب.

• **انگ** ج **انگ**: ذ. [سن. انک] عدد. اکر. ڏنگي ليڪ. انگڙي. اڳهه – نرخ. نشاني – چٽ. داغ – ڏنب. ڏک. عضوو. جسم – بدن. اوگهڙ. غرضو تناسل. داڻ (ملهه وغيره جو). لچڻ – افعال. آزل جو لکيو.

– **انگ آڻڻ**: پلئه انڪڻ. نصيب جو لکيو ٽيڻ. سڳ ٽيڻ.

– **انگ اکر**: ذ. حساب ڪتاب جو تفصيل – اعداد و شمار.

– **انگ اگهاڙو**: ذ. صفت. آڻ ڏکيل. مسڪين – غريب.

– **انگباز** ج **انگبازَ**: صفت. ملهه جا انگ يا داؤ جاڻندڙ. تڪلي. هنرمند – حرفتي.

• **انگ پيوت**: ذ. بدن کي رک ملهندڙ جوگي سناسي.

– **انگ پگهل**: ذ. صفت. ڪم تي عريل – هڏ پگهل. پورهيت – محنتي.

– **انگ ٻڌڻ ڪرڻ**: گڏجڻ ڪرڻ – پڇي پوري ناس ڪرڻ – بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.

– **انگ پيٽ**: ذ. ڪپڙو ۽ ڪاڏو.

– **انگجڻ**: مصدر "انگڻ" مان فعل مجهول. انگ لڳڻ – چٽجڻ. ڪنهل جانور جي عضون جو جدا جدا وڃڻ.

– **انگ جاڻو** ج **انگ جاوا**: ذ. صفت. سڳو (ٻڌ) – پيٽ جاڻو.

– **انگ سان لاڻ**: جسم سان لاڻ. پاڪ پاڻ.

– **انگ ڪيڻ**: نشان ڪرڻ. عدد لکڻ.

– **انگ ڪرڻ**: جانور کي ڪهڻ بعد ان جي ڪل لاهي عضوا عضوا وڌي جدا ڪرڻ.

– **انگ ڪٽڻو** ج **انگ ڪٽا**: ذ. اهو اوزار جنهن تي شاگردن کي انگ ڪٽڻ سيکاريا وڃن – ارٿميٽيڪان.

– **انگ لکت**: ث. عدد نويسي.

– **انگڻي** ج **انگڻيون**: ث. نشان ڪرڻ يا ٽهي هڻڻ جو اوزار.

– **انگ وديا**: ث. علم البدن – علم تشريح.

– **انگ هُڻڻ**: آزل جو لکيو هڻڻ.

– **انگي** ج **انگي**: ذ. صفت. انگن وارو – حساب.

– **انگي حساب** ج **انگي حسابَ**: ذ. حسابن جو ڪتاب – Artihmetic.

– **انگيل**: ذ. صفت. انگ لڳل – نشان ڏنل – ٽپو هنيل. ڪنهل جانور جنهن جي ڪل لاهڻ بعد عضوا وڌي جدا ڪيا ويا هجن.

– **انگين انگرين لکڻ**: انگن ۽ اکرن ۾ رقم لکڻ.

• **اِنگ** ج **اِنگون**: ث. [پرا. انگهه] اُونگهه – نند – ڪهل – نند جو خمار. غشي. غم ڪائڻ جي حالت – سُور پي وڃڻ جي حالت. چشم پوشي "آهي انگ اُمل. مات تنهنجي مينڊرا" (شاهه).

• **انگارڻ**: مصدر. [سن. اَنْکَ = انگ. ليک] ليکڻ – باهريون گهيرو ڪيڻ.

• **انگاري** ج **انگاريون (ث)**: ث. [سن. اَنْگار: اَنْگاري] آڳاري – ڪُل (تاندن جو).

• **انگاس** ج **انگاس**: ذ. جهنڊو – علم – نيزو.

– **انگاسي**: ذ. صفت. انگاس کڻڻ وارو. عاشورن ۾ انگاس چاڙهيندڙ.

• **انگاسي** ج **انگاسيون**: ث. ڇڇهري.

• **انگالو** ج **انگالا**: ذ. [سن. اَنْگ = عضوو] جوڙين ڪيڻ کان پوءِ باقي بچيل عاج جو ٽڪرو.

• **انگبين**: ث. [ف] ماکي – شهد.

• **انگڻ** ج **انگڻ**: ذ. لئي جو ڪوٽر. ڪنگر.

• **انگڏ** ج **انگڏ**: ذ. [سن. اگڏ] ڪنڪڻ.

• **انگر**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **انگر کو** ج **انگرکا**: ذ. [سن. اگگر ڪُشَٽي = زره. چوغو (اگگ = بدن + رَکْشا = سنڀال)] پهراڻ – چولو – ڪهين وارو ڪُڙتو. پوتڙو. بدن کي ويڙهڻ جو ڪپڙو.

• **انگري** ج **انگريون**: ث. [سن. اَگْگ رَکْشٽي] زرهه – پاکر.

• **انگريز** ج **انگريزَ**: ذ. [انگ. English] انگلنڊ جو رهاڪو – فرنگي. گورو – نصارو – ڪرستان.

– **انگريز جو گهر**: ذ. جيل.

– **انگريز جي گهر وڃي پوڻ**: جيل ۾ وڃڻ. ڪورٽ ۾ وڃڻ.

– **انگريزي**: ث. انگريزن جي ٻولي English.

– **انگريزي دان**: ذ. صفت. انگريزي ٻولي جاڻندڙ.

• **انگڙ** ج **انگڙ (ل)**: ذ. [سن. اَنْکُش] لوهار جو هڪ اوزار – انگڙو (جنهن سان ڪوري ۾ تاندا اُٽلائين).

• **انگڙيتو**: صفت. ڏنگو ڏڏو – انگڙ ونگڙ. (ذ) نندڙن ٻارن جي راند جنهن ۾ سڄو ٻير ڪاپي ٻير جي مُري کي ويڙهي هلندا ويندا آهن ۽ هي لفظ چوندا آهن ته "انگڙ ٻتو لال ٻتو".

– **انگڙ ٻتو ڪرڻ**: جالاکي يا ڏنگي ڪرڻ.

• **انگڙجڻ**: فعل مجهول. انڪڻ – قاسي پوڻ. ڳنڍجي سنڍجي پوڻ. وڃڻ. مُنجهڻ. وڪڙجڻ. (انگڙيو – انگڙيو – انگڙيل).

• **انگڙو** ج **انگڙا**: ذ. [سن. اَگْگ. اَنْکُشَ = انگڙو. ڪنڍو. انڪڙو. ڪاڻيءَ ۾ ٻڌل ڪنڍو يا وريل ڪاڻي (جنهن سان وڻن مان ميوو يا ٻڙا وغيره پٽجن). وڪڙ – پيچ ڏنگو ڏڏو اکر. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار. ڪوري ۾ تاندن سوڙهڻ جو ڪنڍو). انگ – جانور.

ملهه جو هڪ داءُ. ڪلوٽڙو (ڪُنديءَ جو). [سن. اَڳڻ] "اَنگ" جو مخفف عضوو – لڳ – بدن "ڪٽ ڪاتي، وڍ اَنگڙا، اَدب ڪر مَرَ ڪوءَ" (شاهه).

– اَنگڙا وهائڻ: ڏنگا ڏڏا ليڪا ڪڍڻ – بي معنيٰ اکر لکڻ.

• اِنگڙو ونگڙو: صفت. [سن. اُڳڙ + وِڪُر - ڏڏو] ڏنگو ڏڏو – وَر وڪڙ وارو، آڏو ايڏو. آڏو نيڏو. نانگ وَر – پيچدار – مَنجهيل.

• اَنگڙي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• اَنگڙي ج اَنگڙيُون: ث. [سن. اَڳڙ. اَنڪَشَ - انگڙو. ڪنڊو] ملهه جو هڪ داءُ (جانڻو هٿي پير کي مخالف جي ٽنگ اندران موڙڻ). آڙي. ڪَرڙو ڏڏو. انگوڙي. پيچ – وڪڙ.

• اَنگڙيات ج اَنگڙيات: ذ. پاڃاريءَ جو هڪ قسم (جا اکيلي ڏڳي وغيره لاءِ ڪم اچي).

• اَنگڙيارو ج اَنگڙيارا: ذ. صفت. [سن. اَنڪَ - ور + ڙي + آرو] وَر وڪڙ وارو – پيچدار – ڏنگ ونگڙو. (ظرف) [انگ - عضوو] عضوو. عضوو ڪري "جيءَ منهنجو جن. انگڙيارو وڍيو" (شاهه). گو يا چادر جي ڪنڍ جو هڪ نمونو.

• اَنگڻاڻو اَنگڻاڻو ج اَنگڻاڻا. اَنگڻاڻا: ذ. [فـ ١. انگڻ + دان؛ ٢. اَنگڻ] پرت پڙ يا سِٻڙ وقت آگرتي چاڙهڻ جي تويي (جا آگر کي سُٽيءَ کان بچائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن).

• اَنگڻ: ث. [ف] آگر.

– اَنگڻ ڏيڻ: آگر ڏيڻ. هُٽي ڏيڻ. ڇيڙڻ.

– اَنگڻَري ج اَنگڻَريُون: ث. مُندي.

• انگڻري: ث. [فـ] درزڪي ڪم جو هڪ اوزار (جيڪو بخيي ڏيڻ وقت سُٽيءَ کان بچاءُ لاءِ آگر تي پائجي) – انگڻتان.

– اَنگڻ شهادت: ث. شهد آگر – ڏَسٽي.

– اَنگڻ ڪرڻ: آگر ڪرڻ. ڪَچ ڪرڻ – ڇڙ ڪرڻ.

– اَنگڻ نر: ذ. آگرلو.

– اَنگڻ نُما: ذ. صفت. مشهور. خوار – بدنام – رُسوا.

• انگڻ نمائي: ث. آگر ڪڍڻ – آگر جواشارو. بدنامي. عيب جوئي. نڪته چيني.

– اَنگڻ نَمائي ڪرڻ: آگر ڪڍڻ – عيب جوئي ڪرڻ. نڪته چيني ڪرڻ – ٽٽولي ڪرڻ. اَنگَلُ ج اَنگَلَ: ذ. [سن. اَنَنيَه] نارُ – نخرو – ماڻو. لاڙ – ڪوڙ – چانگرو.

• اَنگَلُ ج اَنگَل: ذ. [سن. اَنَنيَه] نارُ – نخرو – ماڻو. لاڙ – ڪوڙ – چانگرو.

– اَنگَلُ آرو ج اَنگَلَ آرا: ذ. ناز نخرو – ماڻو. لاڙ ڪوڙ.

– اَنگَلي ج اَنگَلي: ذ. صفت. اَنگل ڪندڙ – ناز وارو – نخريلو.

• اِنگلِستان: اسم خاص. [اينگل + آستان - جاءِ هنڌ. اينگل ماڻهن جو ملڪ] انگريزن جو ملڪ – انگلند.

• اِنگلِش: ث. [انگ. English] انگريزي ٻولي.

• اَنگَڻ: مصدر. [سن. اَنڪَ - انگ. نشان. ليڪ. چڪ] انگ هڻڻ. نشان ڪرڻ. رنگ ڏيڻ. چڪ ڪڍڻ. ليڪ ڪڍڻ. ڪپڙي تي قيمت جو انگ لکڻ. جانور کي ڪهي کل لاهڻ بعد عضوا عضوا ڪري وڍڻ "اڄ ٻڌ انگير انگ، هٿان حبيبن جي" (شاهه).

• اَنگوجو ج اَنگوجا: ذ. [سن. اَڳڻ + بدن + اَڄ - پَڌڻ] گوڏ پڌڻ جو ڪپڙو. پوٽڙو ٽوال.

• اَنگوڙ ج اَنگوڙ: ذ. [ف] ميوي جو هڪ قسم – وڏي ڪشمش. [سن. اَنڪوڙ] ملو – گونج. گوشو. قردار وڻ جي ٻَڪر. زخم يا ڦٽ جي سوڄ. زخم جو ڪل مُنهن.

– اَنگوڙ ڪڍڻ: گونڇ يا گوشا ڪڍڻ مورجڻ (وڻ جو).

– اَنگوڙ نڪرڻ: سلا ڦٽڻ – گونڇ يا گوشا نڪرڻ. خراب نتيجا ظاهر ٿيڻ.

– اَنگوري ج اَنگوري: ذ. صفت. اَنگور جو. انگور مان ٺهيل. هڪ قسم جو ديسي شراب.

– اَنگوري سُرڪو: ذ. انگورن مان ٺهيل سُرڪو.

• اَنگورجڻ: فعل مجهول. [فـ. انگور] وڻ جو مورجڻ. ٻُورجڻ. گونڇ يا گوشا ڪڍڻ. ڦٽ جو پرجڻ. (اَنگورجو – اَنگورجو – انگورجل).

• اَنگوڙو ج اَنگوڙا: ذ. [سن. اَنڪَ - انگڙو] لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار – اَنبُور.

• اِنگونگڙ. اِنگونگڙو (ل): ذ. صفت. ڏنگو – ڏڏو – آڏو ڏڏو – ورن وڪڙن وارو.

• اَنگُڻي: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• اَنگي ج اَنگيُون: ث. [سن. اَڳڪا] چولي – ڪُنجري – ڪچ – پيپني "پيڙي ٽبان پٽار سان. اَنگي لاهي اَنگا". ڪچ جو اَڌ پرت جو هڪ قسم.

• انگي پوڌ (لس): ڏٽي پوڌ (وڻ) – تاريون ۽ پن ڪڍڻ.

• انگيا: ث. [هـ] چولي "اسٽن ڪامڻ ناريل هين، انگيا دوسرا مان".

• اَنگيلي ءِ اَنگيليُون: ث. لوهي جُلهه – ڪُل – سڪڙي – اڇيلي (ل).

• اَنگيڙ ج اَنگيڙ: ذ. صفت. [فـ. انگيختن - اُڀارڻ. نڪائڻ] اُڀارينڌڙ. هي لفظ مرڪبات جي آخر ۾ مستعمل آهي "حيرت انگيز. وغيره".

– اَنگيڙي: ث. اُڀَڻ. اُڀار (جذبات جو).

• اَنگيڪار: ث. [سن. اَڳيڪار - وعدو. اقرار] مڃتا – قبوليت – رضامندي.

• **اَنْگِيڪارَ ڪرڻ:** مجڙ – قبول ڪرڻ.

• **اَنْگِيلو ج اَنْگِيلا (ٺ):** ذ. صفت. ناز وارو – اَنگلي – نخريلو. (ث. اَنگيلي ج اَنگيليون). (ذ) تاجيءَ ٻڌڻ لاءِ ڪتل ڪاني.

• **اَنْگِيو ج اَنْگِيا:** ذ. [سن. اَنگِڪا = چولي، پيپني] هڪ خاص قسم جي چولي.

• **انگُـڙو، انگـڑو:** ذ. انگڙو – عضو.

• **اَنْگهَ ج اَنْگهُون (ل):** ث. [سن. اَنْڪ = انگڙو] ڪنهن ڪانيءَ جي ٻاهر تي نڪتل ڪٽ يا وريل نوڪ ڪانيءَ جو گوشو. اَنگڙي – ڪنڊولٽ جو ڪنڊو. لنگر جي شاخ. جهڪ – چيڙ. ڦاٽ. ڏار.

– **اَنگهُون پاڻ:** چير چير ڪرڻ. چن ڦار ڪرڻ.

• **اَنْگهَ ج اَنْگهَ:** ذ. جَهڪ – جير – ڦاٽ (ڪپڙي ۾). ڪانيءَ جي ڪٽ يا وريل نوڪ. اَنگڻوڙي.

– **اَنْگهه پوڻ:** انگهه جو ڪپڙي کي ڦاڙڻ. ڪنهن شيءِ ۾ انڪي ڦاٽي پوڻ (ڪپڙو).

– **اَنگهه:** ث. صفت. اَنگهن واري (ڪاني).

– **اَنْگهَن تي جاڙهڻ:** تڪليف ڏيڻ – ايذائڻ. سوريءَ تي جاڙهڻ.

– **اَنگهَن جَڙهڻ:** سوريءَ تي چڙهڻ "عاشق انگهن چڙهيا، پيو سيڪو پچي" (شاهه).

– **اَنگهَن سان اَٽڪڻ:** ڏکئي هنڌ اَڙڪڻ. بيعزت سان هٽ اٽڪڻ.

• **اَنْگهو ج اَنْگها (ل):** ذ. ڪانيءَ مان نڪتل وڏي ڪٽ. نشان.

• **اَنْگهَ ج اَنْگهُون:** ث. [پرا. اَنگهَ] اوجهراڻي – گهل (نند جي). غشي. سُستي.

• **اَنْگهائي ج اَنْگهائِيُون (ل):** ث. ڪيڙ جي پاسن واري رَسي.

• **اَنْگهرو ج اَنْگهرا (لس):** ذ. ڪَليءَ يا ساندايءَ جو چيڙو.

• **اَنْگهَڙي ج اَنْگهَڙِيُون (ل):** ث. ملهه جو هڪ داءُ – جانگو.

• **اِنْگهَڻ:** مصدر. ڪنهن لڇڪيدار شيءِ (ربڙ وغيره) جو چڪجڻ سان واڌ ڪائڻ. وڏي وڃڻ. ڊيگهه ٿيڻ. دير پوڻ (ڪم ۾). (اِنگهيو – اِنگهندو – اِنگهيل).

– **اِنْگهَ ج اِنْگهُون:** ث. چڪ. ڊيگهه – طول – طوالت. اچائي ڊيگهه. دير.

– **اِنْگهائڻ:** مصدر "اِنگهڻ" مان متعدي بالواسطه. وڌائڻ. ڊگهو ڪرڻ. دير وجهڻ.

– **اِنْگهَ ڪرڻ:** ڊيگهه ڪرڻ. دير وجهڻ.

– **اِنْگهي وڃڻ:** ڊگهو ٿيڻ (معاملي جو). وڏي وڃڻ (ڪم).

• **اَنْگهو ج اَنْگها:** ذ. صفت. بنا گيهه (پت) – گنب پَٽ – رُکو – اوسو (ل). ڏُکو – بيسواد (ٺ) اَنگهي ج اَنْگهُيون.

• **اَنْمانُ (ث):** ذ. انومان – شڪ – گمان.

• **اَنْمانِيو، اَنْمنيو:** ذ. صفت. [سن. اَن = نہ + مَنْ = دل] بي دليو. اُداس – غمگين. ناراض.

• **اَنْمَٽ:** ذ. صفت. [سن. اَنْمَتّ = مست، جريو] جريو. چتو. نشي ۾.

• **اَنْمُولُ، اَنمُوْلُ:** ذ. صفت. [سن. اَنْ + مُوليه] بي بها – قيمتي.

• **اَنْـاسُ ج اَنْـاسَ:** ذ. [پورجوگيز. اَناناس] اَناس (ميوو).

– **اَنْنْتُ:** صفت. [سن. اَن = نہ + اَنْتَ = چيڙو] بي انت – بيحدّ _ اَپار. (ذ) هڪ خيالي نانگ جو زمين مٿي تي ڪئي ٻيئو آهي. وشنو مهراج.

– **اَنْنت جَوڏَس:** ث. جوڏهن ڳڻيندين وارو سڳو (جو هندو ٻڌي جي جوڏهين تاريخ ٻاڻيندا آهن).

– **اَنْنت ڏورُو:** ذ. اَنْنت جوڏَس.

• **اَنْنْدُ ج اَنْنْدَ:** ذ. [سن. اَ = گهڻو + نَدِ = خوش ٿيڻ] آرام – اطمينان. خوشي – سرهائي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب "آنند صاحب".

• **اَنْنْگُ ج اَنْنْگَ:** ذ. "ڏهس نامي" جو لفظ طوطو.

• **اَنْوادُ:** ذ. [سن.] ترجمو.

– **اَنْوادَڪُ:** ذ. صفت. ترجمو ڪندڙ – مترجم.

• **اَنْوادِي:** ذ. صفت. [سن.] نجائيندڙ. مخالف. اهو سُر جو راڳڻيءَ جي اَصولي سُر جي ابتڙ هجي.

• **اَنْوارُ:** ذ. [ع. نُور ج اَنوار] تجلا – چمڪ.

• **اَنْواعُ:** ذ. [ع. نَوع ج اَنواع] قسمَ – نمونا "جانب منهنجي جيءَ ۾. آهن آزار جا انواع" (شاهه).

• **اَنْوٺو ج اَنْوٺا:** ذ. صفت. انوکو – عجيب – غير معمولي.

• **اَنْوَپَ:** ذ. [سن. اَن = نہ + اُپما = مشابهت] اَنوکو – لاثاني.

• **انوپ:** ذ. گل جو هڪ قسم "جليلي جانو چوي، انوپ ان راس" (جانو جارڻ).

• **اَنْوِيو:** ذ. صفت. اَٽويرو – اويرو – ڏاريون.

• **اَنْويي:** ث. [ملتاني] اڻ پوڪيل – نئين زمين.

• **اَنْوڏَ:** اسم خاص. آڪاڻي وقت جي هڪ ظالم ڪاسائيءَ جو نالو (جو سيوهڻ جي قلعي ۾ رهندو هو ۽ ماڻهو ڪهي گوشت ۾ ملائي وڪندو هو).

– **اَنْود ڪاسائيءِ جي ڪَڏَ:** ث. سيوهڻ ۾ هڪ ڪڏ جا "انود ڪاسائي" جي نالي سڏ جي. ٿي (جنهن لاءِ جون ٽا ٽ تمام اونهي هوندي هئي. ڪُنبل ماڻهن جا هڏا انهيءَ ۾ ڦٽا ڪندو هو). (ڪنايه) اونهي ڪڏ – اوڙاهه.

• **اَنوڏَڪ:** ث. [سن. اَنَ + اَڏَكَ = پاڻي] داڻو پاڻي – ان جل. قسمت.

• **اُنْور ج اُنْورُون (ت):** ث. اور – جَر.
• **اُنوَرُ:** ذ. [ع. "نُورَ" جو تفضيل] تمام چمڪندڙ – روشن.
• **اِنورِي ج اِنورِيُون (ل):** ث. صفت. پهريون پيٽ ويامبل – پهريات.
• **اُنوَسار:** حرف جر. [سن. اَن = پوئتان + سارَ > سُر = سرڻ] موجب – مطابق – پتاندر.
• **انوشدارُو:** ذ. [ف. نوش + دارو] بسارڪي وکر جو هڪ قسم – نوشدارو. نوشادر.
• **اُنوکو ج اُنوکا:** ذ. صفت. نيارو – نرالو – علحدو. عجيب – غير معمولي. (ث) اُنوکِي ج اُنوکِيُون.
• **اُنولاسارُ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – اُنولاسار.
• **اُنوَمانُ ج اُنومانَ:** ذ. [سن. اَن = پوئتان + ما = مڻڻ] قياس. اندازَ – ڏکو. شڪ – گمان.
– **اُنومان ڪڍڻ:** ويجاز ڪرڻ. گمان ڪڍڻ. ڏکو هڻڻ. تخمينو ڪرڻ.
– **اُنوماني ج اُنوماني:** ذ. صفت. گماني – شڪي. وسواسي.
• **اُنْهُ:** ظرف. [سن. نَهْ = نـ] انڪار جي ورندي.
• **اِنْهاڻ:** ظرف. انهن کان. انهيءَ کان.
• **اَنْهَدُ ج اَنْهَدَ:** ذ. [سن. اَناهَتَ = نـ هنيل. سجو + نادَ = آواز = ڏڪ هڻڻ ڪانسواءِ آواز] اندر جو آواز – من واڻي.
– **اَنْهَدي:** صفت. رُوحاني. وڃندڙ (هيں).
• **اِنهدامُ:** ذ. [ع. هَدَم] ڍاهَ ڏوهه – پَڇ ڍاهه – بَربادي.
• **اُنْهڪارَڻُ:** مصدر. هائوڪرڻ. قبول ڪرڻ – منجن. (اُنْهڪاريو – اُنْهڪاريندو – اُنْهڪاريل).
• **اِنْهِنْ:** ضمير. ["اِنهيْن" جي پراڻي صورت] اِنهي.
• **اِنهُماڪُ:** ذ. [ع] غور – استغراق – محويَت. سخت مشغولي – گهڻو شوق.
• **اَهَنْدُ ج اَهَنْدَ:** ذ. صفت. ڏنگو – اردو. سرڪش.
• **اِنهِي:** ضمير. هن.
• **انهي دم:** ظرف. فورا – يڪدم.
– **اِنهيءَ ڪري:** ضمير. تنهنڪري – اِن ڪري.
• **انهي هوندي:** ظرف. تنهن بعد ب – تہ ب.
• **اُنْهوارَحُ:** فعل مجهول. بيهوش ٿيڻ – اُنْهرجڻ.
• **اُنْهيانُ اُنْهيارَ:** ذ. اُهنر – گهوٽ جو محافظ.
• **اَهَنَيْ اَهنَر:** شاديءَ جي هڪ رسم موجب رات جو خالي ٻکي ۾ سمهندڙ – ٻکي جو محافظ – آئر.
• **اُنْهيري:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **انهيون:** ظرف. ڏنگو. ابتو. (ضد. سنهيون).

• **اُنْهُنْ گُنْهُنْ:** ظرف. هيٺ مٿي – الٽ پلٽ. جيئن آيو تيئن – جهڙو تهڙو (ڪر).
• **اُنِي ج اُنِيُون:** ث. [سن. اَنِي] برڇيءَ يا تيرجي ڇهنب يا نوڪ.
• **انِي:** اسم خاص. "انِيراءَ" جو مخلف. راجا انيراءِ "سو ڪيئن دمي دم، جوانيِ ملا آئيو" (شريف شاهه).
• **انِي، اُنِين:** ضمير انهن.
• **اِنْيانْ:** ظرف. هن هنڌان – هتان – اِتان.
• **اُنِياءُ:** ذ. [سن. اَ = نـ + نِيايَ = انصاف] بي انصافي – ڪُنياءُ – بيداد. ظلم – اڌير.
– **اُنِيائِي ج اُنِيائِي:** ذ. صفت. بي انصافي ڪندڙ. ظالم.
• **اُنِيتہ:** صفت. [سن. اَنِيت < اَ = نـ + نِيت = نياءُ. هلت] هلي چلي يا نيت جي خلاف. بي انصافي. بدهلت – بي فضيلتي.
– **اُنِيتي ج اُنِيتِيُون:** ث. بي اصولي. بي انصافي. بداخلاقي.
• **اُنِيراءُ:** اسم خاص. ڪانياواڙ جي هڪ راجا جو نالو (جنهن ٻيجل چارڻ جي معرفت پنهنجي حريف راءِ ڊيا ج جو سر وڌايو).
• **اُنِيس:** ذ. صفت. [ع] دوست – وڻندڙ ٿيندڙ.
• **اُنِيڪُ:** صفت. [سن. اَن = نـ + ايَڪ = هڪ] گهٽا – بي شمار.
• **اُنِيلُ:** ذ. صفت. [سن. اَن = نـ + نِيلَ = نيرو] اڇو – سفيد. (اسم خاص) لس پيلي طرف هڪ تيرٿ جو نالو.
• **اُنْ:** ظرف. [سن. اَن. اَنْ = نـ] نہ – بغير – سواءِ ـ ڪان سواءِ. انڪاري معنيٰ ڏيڪارينڌڙ صفاتي اڳياڑي "اُنْ وڻندڙ. اُڻمونٽ. وغيره". درياءِ جي گهيڙ واري سُڪل جاءِ (جا پاڻيءَ جي لاٽ کان پوءِ ظاهر ٿئي).
• **اُنْ آريا:** ذ. "آرين" جي اصطلاح ۾ انهي ماڻهو جيڪي آرين جي آمد کان اڳ هندستان ۾ رهندا هئا. (صفت) اُنْ سڌريل.
– **اُنْ آريو:** ذ. [اُنْ + آريو] اُنْ سُڌريل. اناڙي – جاهل.
– **اُنْ اُپرئي، اُنْ اُپريو:** ظرف. سج اُپرڻ کان اڳ فجر سان – پرهه ڦٽيءَ جو.
– **اُنْ اُپرئي جو اُڀڻ:** سج اُپرڻ کان اڳ ننڍ مان سجاڳ ٿيڻ – ساجهر اڀڻ. سوير جاڳڻ.
• **اُنْ اوڏرُ:** ث. ميينهن جي نہ وسڻ واري حالت "اڃي جا اُنْ اوڏ جي، پڃي سا پراند" (شاه عنات).
– **اُنْبَڻَتہ:** ث. [اُنْ = نـ + هـ. بَڻنا] بي اتفاقي – ناسازي – اختلاف. ڪلفت. رنجيدگي. تڪرار – جهيڙو. دشمني.
• **اُنْ بَڏو:** صفت. نہ ٻڌل – جنهن جي اڳ خبر نہ هجي.
• **اُنْ بَڏي:** ث. جيڪا اڳ ٻڌل نہ هجي. عجيب (ڳالهه).

• **اڻ ٻڌي ڪرڻ:** ڏيان نہ ڏيڻ، خيال ۾ نہ آڻڻ، ڪن تار ڪرڻ، لنوائي ڇڏڻ، نظر انداز ڪرڻ.

– **اڻپومَ، اڻپومير ج اڻپوما، اڻپرميا:** ذ. صفت. [اڻ = نہ + پُومي = پون، زمين] اڻواقف – بيخبر – غير واقف – اڻپونيو.

– **اڻپونيو ج اڻپونيا:** ذ. صفت. [اڻ = نہ پون = زمين] غير ملڪي – اوپرو – ڏاريو. مسافر.

– **اڻ پٹوٹو:** ذ. صفت [سن. اَن = نہ + پاوَ = وڻڻ] اڻ وڻندڙ. ڇندو.

– **اڻپئي:** ذ. صفت. [سن. اَڻ = نہ + پَيَ = خوف] بي ڊپو – بي خوف. نہ ڊڄندڙ.

– **اڻتارو ج اڻتارا:** ذ. صفت [ان + تارو < ترڻ] ٽري نہ جاڻندڙ "اتي اڻتارن، ساهڙ رسج سير ۾" (شاهہ).

– **اڻتوريو ج اڻتوريا:** ذ. صفت. [سن. ان = نہ + تُلْ = تورڻ] نہ تُريل. بنا تورڻ جي "تن جو صرافن. اڻتوريو اڳهائيو" (شاهہ).

– **اڻتوڙيو ج اڻتوڙيا:** ذ. صفت. [اڻ + هيرَ. توڙ = رزق، روزي] جنهن کي پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهہ نہ هجي – جنهن کي ٿوڙ جي تنگي هجي. بي سمر. تنگ دست – بي روزگار.

– **اڻتيار ج اڻتيار:** ذ. صفت. نامڪمل – ناقص – اڻپورو. اڻسنپريل.

– **اڻتيٹو ج اڻتيٹا:** ذ. صفت. نہ ٽيڻ جهڙو – نہ ٽي سگهڻ جهڙو. (ث) اڻتيٽي ج اڻتيٽيون.

• **اڻ ٽيٽي:** ث. ناممڪن – نہ ٽيڻ جهڙي (ڳالهہ).

– **اڻٽڪ ج اڻٽڪ:** ذ. صفت. نہ ٽٽندڙ. مضبوط – قائم رهندڙ. پختو – پڪو – ڏاڍو.

– **اڻٽرُ ج اڻٽر:** ذ. صفت. (اڻ = نہ + ٽلْ = ترڻ) نہ ترندڙ – اٽل. ضرور ٽيندڙ. پهلوان.

– **اڻٽرو (ٽروڙ):** ذ. صفت. نہ ٽٽندڙ - پڪو – پختو. نہ ڀڄندڙ.

– **اڻڻاهہ:** ذ. اڻٻڌت – ناسازي.

– **اڻڻهندي:** ث. اڻڻاهہ – ناسازي.

– **اڻڻهٹو ج اڻڻهٹا:** ذ. صفت. ڪنهن سان ناهہ يا صلح نہ ڪندڙ.

– **اڻڻهيو ج اڻڻهيا:** ذ. صفت. نہ ٽهيل.

– **اڻپاٽيو ج اڻپاٽيا:** ذ. صفت. بنا پاڻيءَ جي سُڪل – خشڪ. بي آب (ترار يا موتي). ڊرو – ٽڏو (مڙس، ڏيگو يا وهت).

– **اڻپڇو پڇيو:** ذ. صفت. ظرف. پُڇڻ ڪانسواءِ – بنا پڇڻ جي. پڪ سان – لاشڪ – يقيناً پڇ ڪانسواءِ – لٽبو.

– **اڻپهتائي:** ث. ڪجائي.

• **اڻ پرٽيل:** صفت. غير شادي شده - ڪنوارو – ڇڙو.

– **اڻپڙهيو ج اڻپڙهيا:** ذ. صفت. بي علم – جاهل.

– **اڻپُورُ:** ذ. (اَڻ = نہ + پُورَ < پورو) پڳل انگن جو حساب – رياضي موجب اُهي حساب جن ۾ انگ پڳل هجن.

– **اڻپورُ پاسڪ ٽِڪندو:** ذ. اهو ٽڪندو جنهن جا پاسا برابر نہ هجن.

– **اڻ پورو ج اڻ پورا:** ذ. صفت. نامڪمل – اڌورو – ناقص.

– **اڻ پهُچ:** ذ. صفت. بي پهچ – بيوس. لاچار. بي طاقت.

– **اڻ پيٽيءَ جا ڏشا:** محاورو. جڏا ڪر. ڪِتل ڳالهيون – بيوقوفيءَ جون ڳالهيون يا ڪر.

• **اڻ پير اڻ پيري:** ث. جنهن ماڳ ۾ ڪنهن پير نہ پاتو هجي. "پير ۾ پير ڪني پاتو پيرٽين" (لطف الله قادري).

– **اڻ جُڙندو ج اڻ جُڙندا:** ذ. صفت. نہ لهندڙ – ناموزون. ناڳوار – نہ وٺندڙ. غير واجبي.

– **اڻ جُڳائتو:** ذ. صفت. اڻ ڏهندو – نامناسب. غير واجبي.

– **اڻ جُڳائيندو ج اڻ جُڳائيندا:** ذ. صفت. ناموزون – نہ جڳائيندڙ – غير واجبي.

– **اڻ جوڙ ج اڻ جوڙ:** ذ. صفت. (اَڻ + جوڙ < جوڙڻ) اڻ پورو – بي جوڙ. اڳهو – بيمار. نامناسب.

– **اڻ جوڙائي ج اڻ جوڙائيون:** ث. اڳهائي – بيماري. نامناسبي. اڻ پورائي.

– **اڻ جوگو ج اڻ جوگا:** ذ. صفت. نہ سونهندڙ – نامناسب – ناروا – اجوڳ. خراب – ڪڌو (ڪم).

– **اڻ جيسَ ج اڻ جيسَ:** ذ. صفت. [سن. اَنَ + يادْرِشَ = جيڏو] اڻ جهڙو – نابرابر. لاثاني – بي نظير – بي مثل.

– **اڻ جاڻل:** صفت. (اَڻ + جاڻل < جاڻڻ) جنهن جي جاڻ نہ هجي – نامعلوم. نامشهور.

– **اڻ جاڻو ج اڻ جاڻا:** ذ. صفت. نامعلوم. ناواقف بي خبريءَ ۾. اڻ جاڻل.

– **اڻ جاڻ ج اڻ جاڻ:** ذ. صفت. (اَڻ + جاڻ < جاڻڻ) نہ جاڻندڙ – ناواقف – بي سمجهہ – بيوقوف – جاهل – نادان. اجنبي – ڏاريو. بي علم.

– **اڻ جاڻائي، اڻ جاڻپ:** ث. اجاڻپ – بيخبري – ناواقفيت. ناداني. جهالت.

– **اڻ جاڻي:** ظرف. نہ جاڻندي – بي خبريءَ ۾.

– **اڻ جتو (جتُرو) ج اڻ جتا (جتُرا):** ذ. صفت. جو جتو نہ هجي – جهڪو – اڻ لکو. جتن کان سواءِ.

– **اڻ ڇڪتو:** ذ. صفت. اڻ پورو. ڇڪتو نہ ٽيل – مُنجهيل. اڌورو – فيصل نہ ٽيل.

– **اَڻ ڄڳائي ج اَڻ ڄڳايُون:** ث. اڻڪهائي – بيماري – بي چاڪائي – ناڄڳائي.

– **اَڻ ڄڳو ج اَڻ ڄڳا:** ذ. صفت. خراب – بڇڙو. اڳهو – ناچاڪ – بيمار.

– **اَڻ ڄڪيو ڄلڻ:** چوڙ راند ۾ هڪ ساري، جو بين سارين تان ٽپڻ.

– **اَڻ ڄُونڊو:** ذ. صفت. نہ ڄوندڙ (جو زبان سان هڪجهه نہ چوي) ـ خاموش "اَڻ ڄُوندن مَ ڄَڙُ، ڄُوندن ڄيو وسار" (شاهه).

– **اَڻ ڄَڙتو:** ذ. صفت. (ماڻهن ۾) نہ ڄَڙڻ جهڙو – ڳجهو – مخفي.

– **اَڻ ڇِڪَ:** ذ. صفت. نہ ڇُٽندڙ. جو ڪولي يا ڇوڙي نہ سگهجي. جو جُدا نہ ٿي سگهي. ڳنڍيل.

– **اَڻ ڇَڏَ ج اَڻ ڇَڈَ:** ذ. صفت. جو نہ ڇڈي – مَڇڈو. ڳالهه جو پڪو. ثابت قدم – محڪم.

– **اَڻ ڇَڙ اَڻ ڇَڙو ج اَڻ ڇَڙ اَڻ ڇڑو:** ذ. صفت. نہ ڇَڙڻ جهڙو (اَنُ).

– **اَڻ ڇَڙيل:** صفت. نہ ڇڙيل – بوسو نہ لٽل (چانور).

• **اَڻ ڇليل:** صفت. (بچ ان وغيره) جنهن تان ڪلوز لٽل نہ هجن.

– **اَڻ ڈڈ:** ذ. صفت. نہ ڈَڈندڙ – جيڪو لڏي لَمي نہ. مضبوطيءَ سان ڪتل – پختو. قائم.

• **اَڻ ڈوڈل:** صفت. نہ ڈوتل – اَڻ صفا – گندو – ڪينو.

– **اَڻ ڈاڙهُيو ج اَڻ ڈاڙهُيا:** ذ. صفت. بي ڈاڙهيو – ڈاڙهيءَ کان سواءِ. لاسڙيات. کسرو.

– **اَڻ ڈڻو ج اَڻ ڈڻا:** ذ. صفت. نہ ڈڻو. ڈسڻ کان سواءِ. نہ ڈنل. پريت – غائبانہ "ڈڻو سپ وسار، اَڻ ڈڻي کي ياد ڪر".

• **اَڻ ڈڻو:** ذ. اڻهوند – ڏک بک.

– **اَڻ رهائيندي رهُنڈو:** ذ. صفت. نارَوا – نامناسب. شرعي قانون جي خلاف (سڳ جو رشتو) – بي قاعدي رشتو. (ث) اَڻ رهائيندي. رهُندي.

– **اَڻ سالِم:** ذ. صفت. اَڻ پورو. پَڳل. نامڪمل – ناقصي.

– **اَڻ سالِمائي:** ث. اَڻپورائي. اڻهائي. اَڻڳائي.

– **اَڻ سانگو ج اَڻ سانگا:** ذ. صفت. سانگ کان سواءِ ـ بي سبب. بي امتياز. بي پهچ – بيواهه. ڪوتاهه انديش – بي خيال. پچاڙي نہ جاچيندڙ.

• **اَڻ سڌي:** ث. جنهن وٽ ڪير جي سرڪي نہ ناهي "جي اَڻ سڌي آهين، تہ ڏاڍان ٿي ڏار" (شاه عنات).

– **اَڻ سڌو ج اَڻ سڌا:** ذ. صفت. وَرواري – ڏنگو – ڦِڏو.

– **اَڻ سُڌيرُ:** ذ. صفت. بيخبر – بيهوش. ناچاڪ – بيمار.

– **اَڻ سڏيو ج اَڻ سڏيا:** ذ. صفت. ڪوٺ يا ڪاڏ کان سواءِ ـ دعوت کان سواءِ ـ اَڻ ڪوٺيو – بي دعوتيو. بي تڪلف. (ث) اَڻ سڏي ج اَڻ سڏيون.

– **اَڻ سُرائتو ج اَڻ سُرائتا:** ذ. صفت. جنهن جو آواز سُريلو نہ هجي – بي سُرو. (ث) اَڻ سُرائتي ج اَڻ سُرائتيُون.

– **اَڻ سُرٽ ج اَڻ سُرَٽ:** ذ. صفت. بيخبر. بيهوش – غافل. (ظرف) اوچتو.

– **اَڻ سُرتائي ج اَڻ سُرتايُون:** ث. بيخبري. بيهوشي – غشي. غفلت.

– **اَڻ سُرتو ج اَڻ سُرتا:** ذ. صفت. اڻ سُرتيو.

– **اَڻ سُرتيو ج اَڻ سُرتِيا:** ذ. صفت. اَڻڄاڻ – بيخبر – بي علم. بيهوش – غافل (ظرف) اوچتو (ث) اَڻ سُرتي ج اَڻ سُرتيُون.

– **اَڻ سُرندي ج اَڻ سُرنديُون:** ث. بي بهڄائي – بي طاقتي. لاچاري – مجبوري – بيوسيءَ واري حالت "اَڻ سُرندي، سيکو تري. ڪرو ڪو سُرنديءَ تري".

– **اَڻ سُرو ج اَڻ سُرا:** ذ. صفت. جيڪو سُري نہ سگهي. نانگ بلا وغيره سُرندڙ جيت جو ننڍڙو ٻچو "اَڳ اَلبهَر اَڻ سُرا، ٽين تہ ٽرگس لوند" (جلال ڪتي).

– **اَڻ سُوريتو ج اَڻ سُوريتا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪو غم يا سُور نہ هجي – بي غم – خوش. (ث) اَڻ سُوريتي ج اَڻ سوريتيون "سُوريتيءَ ڪنهن سور. اڻ سوريتيءَ سان اوريا: هن جو پُنجهڑي نہ پُري، هو وڃي پٽي ڏهلور".

– **اَڻ سو گهائي:** ث. نامضبوطي. بي سلامتي – جوکائي.

– **اَڻ سُونهوڻ ج اَڻ سُونهان:** ذ. اَسونهون – اَڻواقف – ڀليل – بيخبر. اَڻوميو.

– **اَڻ سُهڻ ج اَڻ سُهڻ:** ذ. صفت. (اَڻ + سُهڻ < سهڻ) نہ سهڻ جهڙو – نہ سُهڻو. نہ سهندڙ – حاسد. ٽورڊيو.

– **اَڻ سُهائيندو ج اَڻ سُهائيندا:** ذ. صفت. نہ جڳائيندو – اَڻ وٺندڙ – نامناسب. (ث) اڻ سُهائيندي ج اَڻ سُهائيندِيون.

– **اَڻ سُهڻو ج اَڻ سُهڻا:** ذ. صفت. اڻ سُهائيندو – اَڻ وٺندڙ. (ث) اَڻ سُهڻدي ج اَڻ سُهڻديون.

– **اَڻ سُهڻو ج اَڻ سُهڻا:** ذ. صفت. نہ سهندڙ.

– **اَڻ سُهُو ج اَڻ سُهو:** ذ. صفت. نہ سهندڙ – اَسُهو.

• **اَڻ سُڻي:** ث. نہ ٻڌل ڳالهه.

– **اَڻ سيڻتو ج اَڻ سيڻتا:** ذ. صفت. بنا سيڻ يا سجاڻپ جي. ناآشنا. اجنبي – اوپرو. غير واقف – اَڻ سُجاڻو.

– **اَڻ ضَرُوري:** صفت. جنهن جي ضرورت نہ هجي – غير ضروري.

• **اَڻ ڪاهيا:** ذ. جڙا جوان (گهوڙا) "سوار سرتا چوڏس رين، اَڻ ڪاهيا ڪيڪان" (شاه عنات).

– **اَڻ ڳڻت:** صفت. جو ڳڻي يا شمار ڪري نہ سگهجي – بيشمار –

بي انداز. گاڏاتي کان باهر.

– **اڏ ڪوڙيو ج اڏ ڪوڙيا:** ذ. صفت. بنا سڏ يا دعوت جي آيل. اڏ سڏيو – بي دعوتو. ري کانديو.

– **اڏ ڪي:** صفت. اڏ ڪَئي – نہ ڪيل "اڏ ڪي عيان نہ ٿي. ڪي پروڙي ڪونہ" (شاھ).

• **اڏ ڪي:** صفت. اڏ ڪيل – اڻ ڪر جيڪو پاڻ ماڻهو ڪري: ٿوڏسي.

– **اڏ ڪڻ ج اڏ ڪڻ:** ذ. صفت. نہ ڪنڊڻ – اڻ ڪيڇار – بيشمار – اڻ ڪٽ.

– **اڏ ڪس ج اڏ ڪس:** ذ. صفت. نہ ڪسندڙ – بي خطا. اڏ ٽر. دلير – بهادر.

– **اڏ ڪاڄ:** ذ. صفت. نہ سانڊيندڙ. بيخيالو. لاغرض.

– **اڏ ڪاڻو:** ذ. صفت. [سن. ان + گڻ = گڻڻ] گڻڪوت نہ ڪندڙ – ناعاقبت انديش. لاغرض – بيخيالو.

– **اڏ ڳڻ، ڳڻيو:** ذ. صفت. گڻڻ کان باهر – بي انداز – بيشمار.

• **اڏ ڳهڙيل:** صفت. بي ڍول – بدشڪل. بد تهذيب. اڏ سڌريل.

– **اڏ ڳهڙيو ج اڏ ڳهڙيا:** ذ. صفت. (اڏ + گهڙڻ > گهڙيو) جو گهڙيل يا نهيل نہ هجي – بيڍولو. اڏ آزمودگار – ناتجربيڪار. اڏ سڌريل.

– **اڏ ڳهڙيو ڪانڌ:** محاورو. اڏ سڌريل اڏ آذمودگار ڏَڏ ستو.

– **اڏ لائق:** ذ. صفت. ناقابل.

– **اڏ لَٻ ج اڏ لَٻ:** ذ. صفت. [سن. اَنَ + لَبْيَہ = نہ ملڻ جهڙو] نہ لهندڙ – نہ ملڻ جهڙو – ورلي ملندڙ – ناياب. نهايت قيمتي – بي بها.

– **اڏ لَٻائي:** ٿ. اڻ اٽڪ – ڪاميابي.

– **اڏ لکو ج اڏ لکا:** ذ. صفت. [سن. اَن + لَکِشْتَ = نشان ٿيل. ڏڏل] جو لکي نہ سگهجي – جنهن جي خبر نہ پوي. تمام نديڙو – ٿوروڙو – ڏروڙو. نامعلوم – بي اٿر.

– **اڏ لکيو ج اڏ لکيا:** ذ. صفت. نہ لکيل – لکجڻ کان سواءِ.

– **اڏ ليکائتو ج اڏ ليکائتا:** ذ. صفت. [سن. اَن + ليکَنَ = لکڻ. ليکا ڪيڻ] حساب ڪتاب کان سواءِ. ليکي چوکي کان سواءِ.

– **اڏ هڪ ج اڏ هڪ:** ذ. صفت. بي نظير – بي مثل. لاثاني – لاجواب. بي بها.

• **اڏمٽ:** صفت. نہ ڏهندڙ. پڪو – پائدار. لازوال – غيرفاني.

– **اڏ مُڙ:** ذ. صفت. نہ مُڙندڙ – اڏمٽ – اڏ ٽر.

– **اڏ مُوافِق:** ذ. صفت. نابرابر – ناموزون – نہ ٺهڪندڙ.

– **اڏ موٽ ج اڏ موٽ:** ذ. صفت. نہ موٽندڙ – اڻ ٽر. ضدي. بهادر – پهلوان – سورمو.

– **اڏ موڪلاڙيو ج اڏ موڪلايا:** ظرف. بنا موڪل جي – ري موڪل – اجازت کان سواءِ.

– **اڏ ميل ج اڏ ميل:** ذ. صفت. پيچ نہ ڪائيندڙ – ٺهڪي نہ ايندڙ.

– **اڏ هيو ج اڏ هيا:** ذ. صفت. اهو جو مايي يا مَٽي نہ سگهجي – بي انداز. بيشمار. بي حساب. تمام گهڻو – جهجهو.

– **اڏ نيڻيو:** ذ. صفت. اڏ ڪوڙيو – اڏ سڏيو – بي دعوتيو.

– **اڏ واتو ج اڏ واتا:** ذ. صفت. اَسونهون – گمراهه – ڀليل – بيراهو.

– **اڏ وارِيل:** ذ. صفت. اڏ ڏِنل (ليکو) – ڇڪتو نہ ٿيل (حساب ڪتاب).

– **اڏ وقَف، واڦُف:** ذ. صفت. اڏ سَڃاڻو – اڻڄاڻ – ڏاريو – ناواقف. اڏ سُونهون. بيخبر.

– **اڏ وُڙو ج اڏ وُڙا:** ذ. صفت. نہ وَسيل (پرات) – (ذ) برسات نہ وسڻ سبب آباد نہ ٿيل پاڻو.

– **اڏ وڏ ج اڏ وڏ:** ذ. صفت. جو وڏڻ جي لائق نہ هجي. ننڍو جهنگ. ننڍو وڏ. جو روڄي نہ سگهي. سخت (ڪاٺ).

– **اڏ وڻڻو ج اڏ وڻڻا (ل):** ذ. صفت. ڏٺي، جي موڪل کان سواءِ – ري موڪل. بي عقل. اجايو – بي فائدو.

– **اڏ وڻج ج اڏ وڻج:** ذ. صفت. اَوڻج. ڪڪ نہ ٿيندڙ – ڪم کان نہ ڪجندڙ.

– **اڏ وسهُو ج اڏ وسهُو:** ذ. صفت. اعتبار نہ ڪندڙ – بي ويساهو. بي اعتبار. شڪي – پرمي.

• **اڏ وڻڪيل:** صفت. (موتي وغيره) جنهن ڪي سوراخ نڪتل نہ هجي.

– **اڏ وڻَت:** ٿ. (اڏ + وڻڻ > وڻت) اڻٽشت. ناسازي – نااتفاقي. ڪلفت. ڪينو – بغض. بيائي.

• **اڏ وڻندڙ:** صفت ناپسند.

– **اڏ وڻندو ج اڏ وڻندا:** ذ. صفت. نہ وڻندڙ – ناپسند. خراب – ڪنو. (ث) اڏ وڻندي ج اڏ وڻندين.

– **اڏ وهنڊل:** ذ. صفت. جو وهنتل نہ هجي – بنا غسل جي.

– **اڏ وَيڙهيل:** ذ. صفت. نہ وَيڙهيل (وار) – اڏ ڳنيل (وار) – چوٽي نہ ٿيل (وار).

– **اڏ ويساهو ج اڏ ويساها:** ذ. صفت. بي ويساهو – پَروسو نہ ڪندڙ – بي اعتبار.

– **اڏ ويڪو:** ذ. صفت. جو وڪڻڻ لاءِ نہ هجي – جو وڪري لاءِ نہ هجي. نہ وڪيل.

– **اڏ هُونڊ:** ٿ. نہ هُٽڻ جي حالت – پينگ – ڪتلائي. مسڪيني – غربت – مفلسي "هڪ اڏ هُوند. بيا افعال بجڙا". ڪنهن به شيءِ جي وجود ۾ نہ هٽڻ واري حالت – عدم.

– **اڏ هُونڊو ج اڏ هُونڊا:** ذ. صفت. نہ هُٽڻ وارو – اجايو. خواهہ مخواهہ. سُست – بيڪار. (ذ). اڏ هوند – مفلسي.

– **اَڈ هُٹُو ج اَڈ هُٹّا:** ذ. صفت. نہ ٹیڑھ جھڑو – اَڈ ٹیٹو. نامکمل. (ث) اَڈ هُٹّي ج اَڈ هُٹّیون.

– **اَڈ هیڑ:** ث. کار. عادت نہ هٹڑ جي حالت. ناتحریبکاري.

– **اَڈ هیڑیو ج اَڈ هیڑیا:** ذ. صفت. اهو جنهن کي هیڑ نہ هجي. اَڈ هیڑیل – نہ هیڑایل "اَڈ هیڑیا نہ هیر، ڀچ مَ هیر هیرین جي".

– **اَڈ:** صفت. [سن. اَٹ] گهٽ – اَوڊ. "گهٽ" جي معنيٰ ۾ مستعمل صفاتي اڳياڑي "اُٹويہ، اَٹنبہ، اَٹيتاليہ، وغيره".

• **اٹا انگائِن (لس):** سڳ اتکائن. وڙهڻ. همت سان وڙهڻ "سينهن سرتين وچ ۾ اجي اٹا انگايا" (صدقي).

– **اَٹاتُ:** ث. [سن. اوت، ويَوتِ = اَٹڻ] اَٹڻ جو ڪم – اَٹاوت – اَٹَت. اَٹڻ جو نمونو.

– **اَٹاٽ:** ث. [سن. اَٹاٹْشْت = سوڪ] ڪوٽ – ٽورائي – قلت. ڪمي – ڪمياٻي. قحط – ڏڪار. اوسر.

– **اَٹاڻو ج اَٹاڻا:** ذ. سُڪل – ٿوٽ (زمين).

– **اَٹاس:** ت. [اَ = نہ + ناس = نڪ] بي ٽڪائي – بيشرمي. نرجائي. نياڳ.

– **اَٹاسو ج اَٹاسا:** ذ. صفت. بي ٽڪو – بيشرم. بي پرواهه بي غرضو (جنهن تي نصيحت جو اثر نہ ٿئي – نوڊ – نرلجو. نڈورو – نياڳو. (ث) اَٹاسي ج اَٹاسيُون "محبت نہ جن جي من ۾، تن جي متي اَٹاسي" (سچل).

– **اَٹاسائي:** ث. بي ٽڪائي – نرلجائي. ٽڪ لڙجائي. بيشرمي.

– **اَٹاسو اَنّ کائِن:** بيفائدو اَن کائڻ – اجايو جيئڻ.

– **اَٹاسي متي چاڙهڻ:** بيفائدو ٿلهو ٿيڻ. بيشرميءَ کان ٽولهه ڪرڻ.

– **اَٹاسِي:** صفت. اُسيءَ کان هڪ گهٽ وارو عدد (۷۹).

– **اَٹانگو ج اَٹانگا:** ذ. صفت. [سن. اَ ٹَنُو = جنهن کي پُڄي نہ سگهجي] ڏکيو – مشڪل – اَهنجو – اَوکو. (ث) اَٹانگي ج اَٹانگيُون.

– **اَٹانگا ٻڌڻ ڪرڻ:** ڏکيا ٻڌڻ ڪرڻ – ڏکيا. سفر ڪرڻ. جبل جهاڳڻ.

– **اَٹانگائي ج اَٹانگايُون:** ث. ڏکيائي – اهنجائي – مشڪلات.

– **اَٹانوي:** صفت. [سن. نَوَ نَوَتْ] نون ايڪن ۾ اَٽن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ نوي – اَٽانوي (۸۹).

– **اَٹاوَنِ (ث):** [سن. اَوْت] اَٹڻ جو نمونو – اَٽڻ. اوج.

– **اَٹاهَٽ:** صفت. [سن. اَنَشْٹ] هڪ گهٽ سٺ وارو عدد – اَٽهَٽ (۵۹).

• **اٹاهو ج اٹاها:** صفت. ڏسو "اٹانو".

• **اٹاها اجهور:** ذ. گاهه جون رکيل ڇڻون يا جويون (جي پاسي تي تاري ڇڏجن ۽ جن ۾ مال نہ ڇڏجي) – اٹاوا ويءَ "چارئائين چاهه پئي اٹاها اجهور" (شاه عنايت).

– **اَٹائُ:** ث. اَٹاٽ – قلت – ڪوٽ.

– **اَٹائي:** مصدر "اَٹڻ" مان متعدي بالواسطه. ڪپڑو ٽهرائڻ – اوڄائڻ (اَٹايو – اَٹائيندو – اَٹايل).

– **اَٹائِي، اَٹائي ج اَٹائِيُون، اَٹائِيُون:** ث. اَٽڻ جو نمونو. اَٽڻ جو اُجورو.

– **اَٹائو ج اَٹاوا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + نِي = نيڻ] ڏکيو – اَهنجو. اَٽانگو (واءُ، ٻيڙين کي هاکاري لاءِ). (ث) اَٹائي ج اَٹائيُون.

– **اَٹائو واءُ لڳڻ:** اٹانگو واءُ لڳڻ. تکليف ٻهڃڻ.

• **اَٹائو ج اَٹاوا (ت):** ذ. صفت. [اَ + ڏايو < ڏائِڻ = ڏانوَ وڃڻ] اهو اَٽ جنهن کي ڏاوَ وڏل نہ هجي – آ ڏانوَتيون.

• **اَٹائِي ج اَٹائِيُون، اَٹايُوْن:** ث. صفت. ڏکي – اهنجي. مخالف (هوا). ڪجائي – خطا – ڀُڄ – غلطي (ل). هڪ قسم جي ڏل (ت) – وَڏ ويڙهي.

• **اَٹَبُ ج اَٹَبْ:** ذ. [سن. اَسْنيہ < اَ = نہ + سْنيہ = سٺپ] اَٽياڻي – اَپوگائي – رَکائي. "سٺپ" جو ضد.

– **اَٹَبان (ث)، اَٹَبان:** ذ. اَٽياڻي – اَپوگائي – رَکائي.

– **اَٹَبائي:** ث. اَپوگائي – رَکائي.

– **اَٹَبو ج اَٹَبا:** ذ. صفت. بنا سٺپ جي – بنا گيهه يا تيل جي – رَکو. سُڪل – خشڪ. ڪتل – غريب. "سٺيو" جو ضد.

• **اَٹَتَ، اَٹَت:** ث. [سن. اي] اَٽڻ جو نمونو – اَڄ – اَٽاوت. اَٽڻ جو اُجورو – اَٽائي.

• **اِٹِتَجَڻ (ت):** فعل مجهول. بيهوش ٿيڻ.

• **اَڻ ٽَڻ:** ث. ڳڻتي – تشويش – چنتا – بيقراري – هُرڪر – آندَ ماندَ "عمر مون اباڻن جي، اَڻ ٽڻ اَهائي" (غريب). فڪر – انتظار. يادگيري.

• **اَٹَنبہ:** صفت. [سن. اَتْرِنْشَتَ] ٽَون ايڪن ۾ بن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ تيهه (۲۹).

• **اَٹَنَ ج اَٹَنُوْن:** ث. اَٽڻ جو نمونو – اَٽاوت.

• **اَڻ جهڻ:** ث. هُرڪر – چنتا. ڳڻتي – اوسيڙو – آندماندَ ـ اُدڪو – انديشو. ڪروڌ – ڪاپارو.

• **اَٹَڪ:** روڪ. رندڪ.

• **اِٹِکَ، اَٹِکَ ج اَٹِکُوْن:** ث. [سن. اَٹِي] ڏرو – اَٽو. ڏرڙو. ٻرڪ.

– **اِٹِکَ نہ کُهِن:** ڏرو به نہ ڳالهائڻ. ٻرڪ نہ ڪڍڻ.

• **اَٹِکَڙ ج اَٹِکَڙ (ل):** ذ. صفت. اَٽندڙ (ڪپڙو وغيره). ڪوري.

• **اِٹِکَ ج اِٹِکُوْن (ث):** ث. ڪاڻ جو تمام ننڍو ٽڪر. گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي حالت. چڙب.

• **اَٹِکَ ج اَٹِکُوْن:** ث. ٽورڙي خبر نيٽ – ڪرڪ.

• **اَٹِکڪات (ت)**: ٿ. هُرکر – گُٿڻي – اَدڪو.
• **اَٹڪو ج اَٹڪا (س)**: ذ. صفت. اڳهو – بيمار. ڪجو – اَڻ پڪل – پيلو. (ث) اَٹڪي ج اَٹڪيَون.
– **اَٹڪيلُ ج اَٹڪيل**: ذ. صفت. اڳهو – بيمار بي مزي.
• **اَٹڪيلُ ج اَٹڪيل (ل)**: ذ. صفت. اٽانگي طبيعت جو. بي مزي. بيمار.
• **اَٹڪهيل ج اَٹڪهيل**: ذ. صفت. گولائيءَ ۾ وڏو. وسيع وڏو. اَڏ ٻيو – اٽاهه – بيحد. گهاتو. گِرو.
• **اَٹَڏُ (س)**: ذ. وڏ جو هڪ قسم (جو ڪاٺيو جبل ۽ ٿلي، ڪهيري جيڏو ۽ جهڙو، ڦُر ڇوپايو مال ڪونہ کائي).
• **اَٹَڪُ ج اَٹَڪ**: ذ. صفت. [سن. أنا گرُ] اٽانگو – اٽاٻو – ڏکيو – مشڪل.
• **اَٹڻُ**: مصدر. [سن. اَوٰي – وي] ڪپڑو وغيره ناهڻ – اُٽاوَت ڪرڻ – اوڄ ڪرڻ. (اٽيو – اُٽندو – اُٽيل).
– **اَٹِڻي ج اَٹِڻيُون**: ٿ. اُٽَت جو ڪم. اُٽڻ جو نمونو.
• **اَٹو ج اَٹا**: ذ. [سن. اَڊ = ڏرو] تمام ننڍو ڏرو. ڏرڙو. جُزو. حبر – جاڙ. نوڪ – ڇهَب (پالي وغيره جي).
– **اَٹڻ جي ڪشش**: ٿ. جُزن جي ڪشش – اِتصال اَجزاءَ.
• **اَٹو ج اَٹا**: ذ. اَڻ جي ڍڳي – اوٽو. اَڻ جي ڪوڙي. پاڳو – حصو.
• **اَٹوٽُ ج اَٹوٽ**: ذ. [هـ. اَٹوٽ] ڳهَ جو هڪ قسم – پير جي آڱوٺي جو ويڪرو ڇلو (جنهن ۾ بعضي ننڍڙا گهنگهرا به ٿين).
• **اَٹوٽِي ج اَٹوٽِيُون (ت)**: ٿ. [هـ. اَٹوٽ] ڳهَ جو هڪ قسم – ڪنن ۾ پائڻ جو ٻُندڙو.
• **اَٹورڻ**: ٿ. ڪمي: ـ قِلّت – اَٽاڻ.
• **اَٹوڻائي ج اَٹوڻائيُون**: برسات جي ڪمي – اوسر. مخالفت – دشمني.
• **اَٹوڻو ج اَٹوڻا**: ذ. صفت. [سن. اَنَبيتَوُنہ] هوڏي – ضدي. ننڍ. نرلجو. (ث) اَٹوڻي ج اَٹوڻيُون.
• **اَٹول**: ٿ. روڪ – رندڪ. ڏسو "اڙول" "آڻ نہ جاڻان ايترا ٻيا اَٽڪ اڪر اٽول" (هدايت علي ردّ).
• **اَٹُونجاهَ**: صفت. [سن. اَنَبَنْجاشت] نَوَن ايڪن ۽ ڇٽن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ پنجاهه – اَوٽونجاهه (٤٩).
• **اَٹونڈُ (اَٹوندُ) ج اَٹونڈ (ت)**: ذ. صفت. لڄ – ڏنگو. هوڏي – قَدّائي. اَهنڌ. ضدي – جهيڙاڪار.
• **اَٹونڪرو (ث)**: ذ. صفت. ٻُڌي ڪي نہ سهندڙ – اَڻ سَهو.
• **اِڍ ورنگڻ (ت)**: ظرف. اِنگرونگڙ – ور وڪڙ وارو.
• **اٹوهار، اٹوهر (ت)**: ذ. اهنسر – اهنيڙ.
• **اٹوهاريون (ت)**: ٿ. شاديءَ وقت ڪنوار جون ٻه مقرر سهيليون.
• **اَٹُويهَ (ت)**: صفت. اوٽيهه (١٩).
– **اَٹويهين پرتي گرڙ (ت)**: اوٽيهين درين (ماڻ) مان گوڙ پرڙ. نقصان پهچائڻ.
• **اَٹهار، اَٹهيار ج اَٹهان اَٹهيارَ**: ذ. شاديءَ ۾ گهوٽ سان گڏ گهوڙي تي ويهاريل پار (ل). گهوٽ سان گڏ ٻيو ساڻي اَهنر (ث).
• **اَٹهَتَر**: صفت. [اوڻ + ستر] هڪ گهٽ ستر وارو عدد – اوڻهتر (٦٩).
• **اَٹهَتُ**: صفت. [اوڻ + ٺ] هڪ گهٽ ٺ وارو عدد – اوڻهَتُ (٥٩).
• **اَٹهَڻْ (ڪ)**: صفت. اَڄايل (چوپايو مال).
• **اَٹهَول (ل)**: ذ. صفت. اڳهو – بيمار. بيماريءَ جو ماريل – اَپرو.
• **اَٹهي (ل)**: ظرف. هميشه ـ سدائين – ٻارهوئي.
• **اَٹهيار**: ذ. اٺهار – اهنر – نوجوان گهوٽ جو ساڻي. "تان ٽيي پوءِ ڪر ڏاڏائن جهڙي اٽهيار ڳيپورا"
• **اَٹِي ج اَٹِيُون**: ٿ. [سن. اَڊِ، اَٽِي] ڇهنب – نوڪ پالي يا ڪنهن هٿيار وغيره جي ٽنهڙي ڇهنب. لڇ – ڏَغار. ڏري. ياسو – ڪُنڊ "الله جهڙي مَ ان جي اولي جي اَٽِي" (شاه). پر – ياسو. پلاند. آسرو – آڌار "هتان هڏ نہ ڇڏيان، آريءَ جي ٻہ اَٽي" (شاه).
– **اَٹِيارُ اَٹِيارو**: ذ. صفت. پاسن وارو – پهلودار – ڇهنبيارو – نوڪدار.
– **اَٹِينگ**: ذ. صفت. ڪناريدار. ڇهنبيارو.
• **اَٹيتاليهَ**: صفت. اوٽيتاليهه (٣٩).
• **اَٹِيهَ**: صفت. اوٽيهه (١٩).
• **او**: حرف ندا. سڏ جو آواز "اُڙي! اي!".
• **اَوَ**: صفت. [سن. پري] ابتر معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ اڪيائڙي "اَوَتر، اَوجهڙ، اَوَ ڳڻ. وغيره".
• **اَو ج اُو اُهي**: ضمير. هو – اُهو.
• **اَواٽُ ج اواٽُون**: ٿ. [سن. اَوَ = خراب + واٽ = رستو] خراب رستو – اَوجهڙ – ڪواٽ – غلط راهه. گمراهي.
• **اَواٽُ ج اَواٽ**: ذ. صفت. [سن. اَوَ = خراب + واٽ = رستو] غلط راهه وٺندڙ – گمراهه "اڃا تون اَواٽ. واٽان پاسي ويسري" (شاهه).
– **اَواٽور ج اَواٽا**: ذ. صفت. غلط رستي تي هلندڙ – گمراهه. واٽ ڪان پليل. منجهيل – پَليل.
• **اَواجهو**: ذ. مُنجهي وارو (هنڌ. مَلڪ) – اهو هنڌ جتان ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿئي.
• **اَواڄ ج اَواڄَ**: ذ. صفت. [سن. اَ + وَچ = ڳالهائڻ] جنهن جو بيان ٿي نہ

سکھي – بي بيان جو ڳالهائي نہ سگهي – گنگو.

• **اُواخِر:** ذ. صفت. [ع. آخِر ج آواخِر] پويان – پڇاڙيءَ جا.

• **اُوادانُ:** صفت. [فـ اُوادان] آبادان – برسيل – وسايل – سائو – آباد.

– **اُوادانيِ ج اُوادانيُون:** ث. آبادي. وَسڻُون.

• **اُوار:** ث. [سن. ا + وار] بي انصافي – اَنياءُ سَچ – ويراني. غيرآباد زمين. اُهاڻ جاءِ جتي رستو سڃاڻڻ ۾ نہ اچي – اوجهڙ. ويڑ – ويرمر.

• **اُوارَ ج اُوارُون (ل):** ث. جهوتَ – ڳولا ـ تلاش. روڙو (تلاش ۾) ـ (صفت) اڃائي ـ نڪمي – بيفائدي "عمر سڀ اُوارَ. ويير. تي واکا ڪَريان" (شاهه).

• **اُوارُ ج اُوارُ:** ذ. صفت. [فـ آواره] رولو. بدڇال – بدانعالو. بيهودو. بيڪار – نڪمو.

– **اُوارُو ج اُوارا:** ذ. صفت. ڏکيو – خراب. اُوجهڙ جو – اَڻانگو "اُهي اُوارُو پري پنڌ پهاڙ جو" (خانہ زئي).

– **اُوارُو هلڻ:** خراب نموني سان هلڻ – اڌنگي روش هلڻ.

• **اُوارُو ج اُوارا:** ذ. [سن. اُوتَ = کَڌ] چوپائي مال جي پاڻي پيئڻ جو حوض – اُوارُو.

• **اُواسَرَ:** ث. [سن. اُوڑت] اُڻات – قِلّت ڏُکار.

• **اُوالو ج اُوالا (ت):** ذ. صفت. بيعقل – بي سمجهه – موڳو. چرڙيو – اَبالو.

• **اُوامر:** ذ. [ع. اَمْر ج اَوامِر] اَمَر – حڪمَ – احڪام.

• **اُوانڌو ج اُوانڌا:** ذ. باري ۾ پاڻي وهائڻ لاءِ اَڌ ۾ آپل ٽڪو – آوانڌو.

• **اُوانڪ (ل)، اُوانڪ (ت):** ث. ڪني بانس – بَد بُو – ڏَپ.

– **اُوانڪو، اُوانڪو:** ذ. صفت. ڪنو – بَد بُودار – ڏَپ وارو.

• **اُواهُ ج اُواهَ:** ذ. صفت. [ع. آوّاه] روئي روئي دعا گهرندڙ. مومن صفت (ماڻهو) نماڻو. آه ڪيندڙ.

• **اُوائِلُ:** ذ. [ع. اَوّل ج اَوائِل] هي لفظ واحد طور مستعمل آهي. شروعات. مَنڊ. (صفت) پهرين – شروع واري.

– **اُوائِلي:** صفت. پهريون پهريون – مَنڊ وارو. شروعاتي – ابتدائي.

• **اُوائي ج اُوائي:** ذ. صفت. [اُ = نہ + وائي = ڳالهه] بي زبان – گنگدام – جنهن کي ڳالهائڻ جو ڍنگ نہ هجي. بيوقوف – نادان. موڳو – وائڙو "پاڙي ۾ پرينءَ جي، اُجهڙ مَ اُوائي" (شاهه). اڃايو – بي فائدو. بيهودو.

• **اُوائي:** ث. اوات – اڻائي "آئي اوائي، وائي ورکن وات ۾" (خانزئي).

• **اُوايو ج اُوايا (ل):** ذ. صفت. [سن. ١. اُ+وائي = بنا وائي. بي سمجهه. ٢. اُ = نہ + وايه = واءُ = بنا واءُ سڃاءِ جي. بيخبر. ٣. اُ + وانو > وايو = گمراهه] اُوارُو – بتال – پٽڪندڙ – گمراهه رولاڪ موڳو – چريو – نادان. بيڪار. جو ڏسي واڻسي نہ هلي. ٿورو – گهٽ – اُوڻو. "سَوايو" جو ضد. (ث) اُوائي ج آوايُون.

• **اُوارڻُ:** مصدر. [سن. اُو شيش = اوبر] بچائڻ (ڪاڏو) – اوبر ڪرڻ – جوُڙو ڪرڻ. (اوبارِيو – اوبارِيندو – اوبارِيل).

– **اُوارَ:** ث. مصدر "اُوبارڻ" مان اسم. بچيل ڪاڏو – جوڙ ـ اوبر.

– **اُوارو ج اُوارا:** ذ. صفت. ڪائي بس ڪرڻ ڪان پوءِ بچيل (ڪاڏو) – اوبارِيل – جوُڙو.

• **اُوارو ڳرهَ:** ذ. نہ ڪائڻ جهڙي شيءِ.

• **اُواڻُ ج اُواڻُ:** ذ. صفت. [ف] بدمعاش – لچ – آواره ـ بدڇال – رولو. عياش – بدڪار.

– **اُواڻِي:** ث. بدمعاشي – ڪمينهائي.

• **اُواهڻُ:** مصدر. [سن. اُوْزْدُو= اُپر] اُباهڻ – ڪڍو ڪرڻ – بيهارڻ – قائم ڪرڻ. بچائڻ. بخشڻ – معاف ڪرڻ "اُواهيوس آئين. لطف سان لطيف جئي" (شاهه). اوبارڻ – پيدا ڪرڻ. (اوباهيو – اوباهيندو – اوباهيل).

• **اُواهُ:** ذ. بيهڪ – ڪڙائي. آجائي – رهائي. نجات ـ چوٽڪارو. بخشش ـ معافي.

– **اُواهجڻُ:** مصدر. "اُواهڻ" مان فعل مجهول. ڪڍو ڪڍڻ ٿيڻ (بيماريءَ مان) – نروٽو ٿيڻ. بخشجڻ – ڇٽڻ.

– **اُواهو:** نجات. چوٽڪارو.

• **اُوبَڙ:** ذ. [سن. اُو = خراب + واڙ = رستو] ڏکي واٽ. ڪَوپڙ – هيٺ مٽاهين زمين.

• **اُوبَر ج اُوبريون، اُوبرُون:** ث. ڪائي بس ڪرڻ ڪان پوءِ بچيل ڪاڏو – جوُڙ.

– **اُوبَرسوير:** ث. ڪاڏي جي بچت سڃت.

• **اُوبرُو ج اُوبرا:** ذ. سُٽ يا پٽ اوڍڻ جو اوزار – چرخو – اوڀرو – آبرو.

• **اُوبَڻ (ڪ):** ث. چوپائيءَ جي ڦَرَ تي آرَ نہ ڪرڻ جي حالت.

• **اُوبڻُ، اُوبڻُ:** مصدر. [سن. اُوا بَن] ڪڇي سُٽ يا پٽ کي سُوڏڻ يا ٻيڻي ٽيڻي ڪرڻ لاءِ چرخي تي ويڙهڻ. سُٽ يا پٽ کي اُوبري تي ويڙهڻ. سُٽ اڪيلي ڦورو ناهڻ "ڪي اوبين عرب ۾. ڪي ڪابل منجهه ڪَتن" (شاهه). (اوبيو – اوبيندو – اوبيل).

– **اُوبَ:** ث. مصدر. "اُوبڻ" مان اسم. سُٽ يا پٽَ اوڍڻ جي حالت.

– **اُوباڻي (ت):** ث. سُٽَ يا پٽَ اوبائڻ جي مزوري.

– **اُوبائڻُ:** مصدر. "اُوبڻ" مان متعدي بالواسطه. اوبري تي سُٽ يا پٽ ويڙهائڻ.

– **اُوبَ توبَ:** ث. ويڙهه سيڙهه. لوڇ پوڇ ـ آندَ ماندَ (ڪ).

– **اوب توبَ لائڻ:** ويڑهه سيڑهه ڪري وَڻڻ. جهت ڪري وڻڻ. چالاڪي ڪرڻ.

– **اوبڙ ج اوبڙا:** ذ. سُٽ يا پٽ ويڑهڻ جو اوزار – اوبرو.

– **اوبڙي ج اوبڙيُون:** ث. ڪورين جو هڪ اوزار – نندو اوبڙو – چرخي "آهير ڪَتي اوبڙي، رَن وڃائي رَنبو" (پهاڪو).

• **اوبڙي:** اسر خاص. حب ندي، جي اورئين پاسي کان هڪ جبل جو نالو.

• **اوباتِجَڻ:** فعل مجهول. قَتڻ (رنگ) – اُباتِجَڻ.

• **اوبائڻ (ت):** مصدر. [سن. باشپيٽ = ٻاڦ ڏيڻ] بڏائڻ. لَٽڻ – پورڻ.

• **اوبارڻ:** مصدر. [هـ. اُبالنا] ٻاڦ – پاڻي، ۾ وجهي ڪاڍهڻ – ٽهڪائڻ – ٽَڇڪائڻ. (اوبارِيو – اوبارِيندو – اوبارِيل).

• **اوبار:** ذ. پاڻي، جو ٽهڪو – جوش – ٻڙڪو. اکين جو اوٻرُ – گرمي، سبب اَک اَٿي پوڻ جي حالت.

– **اوبارو ج اوبارا:** ذ. ٽهڪو – ٽُڇڪو – ٻڙڪو. خوشبوء جو جهوٽو – هُڇڪارَ "اوبارا عبير جا، جَر مان اچن جال" (شاھ).

• **اوبارو ج اوبارا (ڪ):** ذ. صفت. تکڙو – اُبهرو.

• **اوباسي ج اوباسيُون:** ث. ٽَڪ يا ننڊ سبب وات ڦاڙي وڏو ساهه کڻڻ جو عملَ. ٽَڪ ۽ ننڊ جي نشاني "اوباسيون آيون، ننڊ نياپو موڪليو".

• **اوباڪي ج اوباڪيُون (ل):** ث. روئڻ ۾ ساهه منجهي پوڻ جي حالت. ساهه چڙڻ وقت اُهِڙ ساهَ، ٻاتَ (ت).

• **اوباهي ج اوباهيُون:** ث. [سن. اَدْ + شْواس] روئڻ يا کنگهڻ ۾ اُهِڙ ساهه – اوباڪي. ٻار جي روئڻ وقت ساهه چڙهي وڃڻ جي حالت.

• **اوبٽَ ج اوبٽُون (ت):** ث. اُبڙڪو – اُبتو.

– **اوبٽُون اُڇڻ:** اُبڙڪا اچڻ. اوڪارا اچڻ.

• **اوبڦو ج اوبڦو (ت):** ذ. صفت. اٽائو – ڏکيو. مٽانهون. خراب – گندو.

• **اوبَڙ ج اوبڙ:** ذ. جوش (پاڻي، جو) – ٻڙڪو – اوبارو. گرمي، جي بُخارن اَٿڻ جي حالت. اک اَٿڻ جي حالت – آشوب چشم. گرمي، واري گهُٽَ – اَتت – آگر. هوساڻ (ننڊ جاءِ جي). بدبوَ جو اُوبارو.

• **اوبلو ج اوبلا (ڪ):** ظرف. تکڙو – اُبهرو.

• **اوبهَار، اوبهَرو ج اوبهَارا، اوبهَرا:** ذ. گرمي، جو اوبڙ. اوبارو.

• **اوبارَ:** ث. مصدر. "اوبارڻ" مان اسر. ڇاڏهڻ (پاڻي، جو).

• **اوبارُ:** ذ. اُپرندو – مشرق.

• **اوباڙ:** مصدر. [سن. اَدْوَرْتَ = اُپرڻ، سُجڻ. ڦوندجڻ] اُباڙ (سج. چند. وغيره). اُپو يا سڏو ڪري ٻيهارڻ. ڪڙو ڪرڻ. پيدا ڪرڻ (وڏُ ٽڻ). سڄائڻ (ڦت. ڦرڙي يا زَخم). پڙڪائڻ. ڪاروائڻ (ت). ڦندائڻ. آيارَڻ. بڏائڻ – بيجا ساراهه ڪرڻ. همٿائڻ. بچائڻ. (اوبارِيو – اوبارِيندو – اوبارِيل).

• **اوبارو ج اوبارا:** ذ. اُوبڙ – طلوع (سج يا چند جو) "اڄ پڙ اوبارو. جوڌهين، ماهه چند جو" (شاھ). هُرلي يا نار جي لٽ ۾ ڪتل ڪائين مان هڪ ڪائي (جن ۾ ڦرهيون وڇهيون آهن) "آيل اوبارو. ٻاڙڙ ٻڏو ٻوڙ وهي" (شاھ). ائٽ جي وڇن ڪاني. ڦيڦي جو اَرو. ڇاڏهڻ (پاڻي، جو). نباتات يا سڄ چند وغيره جي پيدا ٿيڻ جي حالت. پاڻي، جي وَهَڪَ جو مٿيون طرف (جتان پاڻي وهندو اڇي). (ظرف) وهڪري جي اُبتڙ. "اُهواروَ" جو ضد. ڪُن يا موڙ سبب پاڻي، جو ڪناري سان لڳو لڳ مٿانهين پاسي ڏانهن يا اُبتو وهڪرو "آٿيو اوبارن ۾. ٻانديِ پوڙي بيٺ" (شاھ).

– **اوبارو ڪائڻ:** اُپري مٿي ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ – پڙڪو کائڻ. جذبو ڏيکارڻ. همت ڏيکارڻ.

– **اوبارو اُهواروَ:** ظرف. اُبتو سبتو – وهڪري جي مخالف ۽ موافق. لاهه چاڙهه وارو.

– **اوباري ج اوباريُونْ:** ث. صفت. وهڪري جي اُبتڙ. "اُهواري" جو ضد. ندي، جي چوڙ وٽ اُها ساموندي ويرِ جاندي، جي مٿان چڙهي اڇي. ويرِ جو ڦيرو.

– **اوباريُون اُهواريُون:** ث. ابتيون سبتيون هيڏانهن هوڏانهن جون (ڳالهيون).

– **اوباريُون اُهواريون ٻڏائڻ ڏيڻ:** زماني جون خبرون جاروڻ ٻڏائڻ. ڪوڙيون سچيُون خبرون ٻڏائڻ. ڏتا ڏيڻ.

• **اوبالو ج اوبالا:** ذ. [ع. اِلْهاب (= ٻاهه ڏکائڻ. ساڙڻ) > اِلهابو > اِهالو > اوبالو؛ سن. اُبالسْپَ = چيني. گلا. گار] مهڻو – طعنو – عتاب – ٽُنڪر – ڏوراپو "اندر اوبالن سين. ساڙي ڪَيائونس سوڪ" (شاھ).

– **اوبالا ڏيڻ:** مهڻا ڏيڻ – طعنا ڏيڻ. ڏوراپا ڏيڻ.

• **اوبان (ڪ)، اُوبانُ (ڪل):** ذ. جوپائي مال جي پاڻي پيڻ جو حوض – آوارُو – آٽهَ.

• **اوباهڻ، اوباڙڻ:** مصدر. اوباهڻ – اُباهڻ.

• **اوبُڙ ج اوبڙ:** ذ. [سن. اَدْ پدْ] ٻوٽن وغيره جي واڌ يا اوسر. نباتات. اُپاءِ (ڪلر جي) سوڄ (ڦٽ ڦرڙي، جي). مٿانهين. ڇاڏهڻ (پاڻي، جو) سڄَ اُپرڙ وارو طرف – اُپرندو – مشرق. ٻيڙي، ۾ مُهڙ وارو هيٺيون تختو (ڪ).

• **اوبڙ اوبڙ (ل):** ث. ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ واري حالت. اوسر "وڃن وڻ ٻري. اُويڙ اُپري ڪانڪا" (شاھ).

• **اوبڙُ ج اوبڙ:** ذ. [سن. اَدْبِدْ = لَٽڻ] ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو. گاهه. ٻوٽو. وڻ تڻ "اُمَت جي آخوند. اُويڙ سپ اُپاريا" (ڏتو).

• **اوتَ ج اوتُون:** ث. [سن. اَدْوَرتَه] مصدر "اوتڻ" مان اسر. ٻالوتَ –

بلت (پاڻي، جي). پاڻي، جي ليٽ. اُمنگ يا آدمي جو زور "من اندر جا اوت. مڇ ملڻ سان مائي ٽئي" (شاهه). اوتي - ڏِڪ - جوپائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ تيل جو وڏل ڏِڪ اشارو - ميڇ "ڪچن ڪين مُنهان. اوتون ڏين آکين سان" (شاهه). مينهن (ل). محبت - يادگيري (ت). جوش - جذبو - آدمو. گهاٽائي - گهٽائي. ليٽ (درياءَ جي).

- **اوتُ:** ذ. [سن] پيٽو (تاجي، جو).
- **اوتُ پوتُ:** ذ. صفت. تاجي پيٽي آئيل. سڀ طرف پکڙندڙ. اندر باهر.
- **اوت پوت:** ث. منڊ سڏ. هڪجهڙائي. ريج داهه. بيقراري.
- **اُوْتَ ج اُوتُ:** ذ. صفت. [هـ] بي اولاد مثل ماڻهو. ڪنوارو. احمق - مورک. بداخلاقي.
- **اوتاد:** ذ. [ع. وَتَد ج اوتاد] ميخون. اهي چار الله لوڪ جن تي ساري عالم جو مدار آهي.
- **اوتار (لس):** ذ. وصفون - اوساڻ "اوجا ڪيا اوتار، آگي آرياڻين جا" (صدقي).
- **اوتارُ ج اوتارَ:** ذ. [سن. اَوْتَرُ بَوْ = آرام ڏيندڙ دوا] ڪنهن دوا جي اثر لاهڻ لاءِ مخالف دوا اُتارو - تِرياق - زهر مار. جن پُوت جو واسو. ڪاري جي رَڇ جو هڪ حصو. [سن. ويتْهارَ] عِوَض - بدلو. بَدَل سَدَل - منڊ سڏ (ت).
- **اُوتارُ ج اُوتارَ:** ذ. [سن. اَوْتْري < اَوَ = هيٺ + تْري = هيٺ لهڻ] هيٺ لهي ايندڙ. هندن جي عقيدي موجب ايشور جو ڪنهن به جسم يا روپ ۾ ظهور - ظهورو ايشور جو ٻيو روپ. ديوتا.
- **اوتار ڌارَڻ:** هندن جي عقيدي موجب ايشور جو انساني جسم وٺي هدايت لاءِ زمين تي اچڻ.
- **اوتارو ج اوتارا:** ذ. [سن. اَوْتْري = هيٺ لهڻ] وهنن يا سفر تان لهڻ جي جاءِ - منزل جي جاءِ. منزل - منزل گاهه. اوطاق. موالين جي بيٺڪ جو خاص هنڌ - مڪان - دائرو. آستانو "ڏي خبر ڪيانتل ڪري. منهنجو يار ڪڏهن ايندو اوتاري" (اميدعلي). جانورن جي ڪيري. آتارو (تحرير جو) - نقل.
- **اُوتاري:** ذ. صفت. اوتاري وارو (فقير).
- **اوتاوَ (ت):** ث. مٽاهين زمين جنهن تي پاڻي سولائيءَ سان چڙهي نه سگهي. گهٽي ڪائڻ سبب ڪاڏي نه وڻڻ واري حالت.
- **اوتاڙي (ڪ):** ذ. صفت. [سن. اَوَ = هيٺ. خراب + تره = تڙ] اُوتڙ. گمراهه - ٺواڻي.
- **اوتاڙ ٿڻ:** فعل مجهول. جوپائي مال جو پاڻيءَ ڪان ٿهڻ - تاڙ ڪائڻ. پاڻيءَ يا ڪاڏي ڪنبي وڃڻ سبب ٻُڪ لهي وڃڻ. (اوتاڙيو - اوتاڙيو - اوتاڙيل).
- **اوتاڙيل ج اوتاڙيلَ:** ذ. صفت. اُجايل پاڻي پيئندي اڌ مان ٽاهه ڪاڏل (جانور).
- **اوتاڙڻ:** مصدر. اڌ ۾ روڪڻ.
- **اوتائُو ج اوتائُو:** ذ. صفت. [سن. اُتْكَ = خواهان، سڪندڙ. غمگين. ڪنهن شيءِ جو خيال ڪندڙ] سڌ رکندڙ - سڪايل - آساڻو "موڙهو ڳنهي نه مت. پليان پليو نه رهي: ڪا جا پيس پَت. جِنْ اچ اوتائو پرين، ڪي" (شاهه).
- **اوتر:** ث. [سن. اُتَر] شين جي متاسٽا وقت ڏنل واڌو قيمت - اُتر.
- **اوتَرُ:** ذ. [سن. اُتر] چئن ڏسين مان هڪ جو نالو - اُتر - شمال.
- **اوترِيونْ ج اوترِيانْ:** ذ. صفت. اُتر وارو - اُتريون - اُتر جو. (ث) اوترين ج اوترِيون.
- **اوترِينْ ڪَتْ:** ث. اتر قطب جي جوڏاري ڦرندڙ تارن جو هڪ ميڙ - ڏُب اڪبر.
- **اوترو ج اوترا:** ذ. صفت. [سن. اِيتاوَتْ] انهيءَ جيترو. انهيءَ مقدار جو. اوڏو - انهيءَ جيڏو. (ث) اوتري ج اوتريون.
- **اوتري جو اوترو:** ظرف. بلڪل اوترو - بنهُ انهيءَ جيترو. نه گهٽ نه وڌ.
- **اوتڙ ج اُوتڙَ:** صفت. اُهو تڙ جتي پيڙين ٻيهڻ يا وهنجڻ جو سهنج نه هجي - اُهنجو تڙ - اُٽاڪو تڙ - خراب تڙ "اوتڙ ڪنهن نه اولياءُ. سُٽڙ ويا سالم" (شاهه). "سُٽڙ" جو ضد. اُوجهڙ. پراهون. ڪُواٽ. گمراهه. (ظرف) مٽاهون - اُپڪيرو (ڪ).
- **اُوتڙان تڙ ٽِيڻ:** بيراهه مان سنئينءَ راهه تي اچڻ. ڏڪڻ مان سڪ نصيب ٿيڻ "ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي. جيئن اُوتڙان تڙ ٽيوس" (شاهه).
- **اوتڙ اولجڻ:** اٽائي تڙ ڏانهن ٽيلهجي وڃڻ. مجبورا بيراهه تي خطري جي منهن ۾ وڃڻ. غيرسلامتيءَ واري هنڌ ڏانهن ڏکجڻ.
- **اُوتڙو ج اُوتڙا:** ذ. صفت. تڙ ڪان سواءِ. اوائي. گمراهه.
- **اُوتڙو (ت):** ث. وبا جو مرض.
- **اوتڙجڻ:** فعل مجهول. [سن. اُتْبُورَڻ] گهٽي ڪائڻ سبب ڪاڏو نه وڻڻ - ڪاڏو مُنهان پوڻ - جوگرجڻ. جهوگرجڻ.
- **اوتڙ جي پوڻ:** پيٽ پرچي پوڻ - جهوگرجي پَوَڻ. گهٽي ڪائڻ ڪري ڪاڏو نه وڻڻ.
- **اوتڙو ج اوتڙا (ت):** ذ. صفت. اڌ ڳنڍيل.
- **اوتمائڻ:** مصدر. ليٽائڻ. (اوتمايو - اوتمائيندو - اوتمايل).
- **اوتڻ، اوتڻ:** مصدر. [سن. آپ + وَرْت] اونڌو ڪرڻ - ليٽائڻ (ٽاڻ) هڪ ٽاڻ مان ٻئي ٽاڻ ۾ وڃڻ (پاڻي) - لاهڻ - ٽائڻ - پلٽڻ. هارڻ (پاڻي وغيره). (اوتيو - اُوتيندو - اوتيل).
- **اوتَ ج اوتُونْ:** ث. مصدر "اوتڻ" مان اسم. هار - پَلٽ - لاهه. گهاٽو

مينهن (ل). محبت جي گهٽائي.

– اَوَتَ اوتَ، اوتَ اوتانْ: ث. لاڳيتو پاڻي، اوتڻ يا هارڻ جي حالت. گهٽي هار ويڙ.

– اوتائڻُ: مصدر. "اوتڻ" مان متعدي بالواسطه. ليتائڻ (پاڻي، جو ٽاڻڻ).

– اوتُ پوتُ: ث. هارويڙ – پلٽ پلٽاڻ. جڳي، طرح ڏيڙ (پاڻي) – اَنَهَ پَنَهَ "اوت پوت اَپيدَ تي. ڏسن نين پري" (سامي).

– اوتجڻُ: مصدر. "اوتڻ" مان فعل مجهول. هارجڻ (پاڻي) – ليتجڻ (ٽاڻڻ).

– اوتڻي ج اوتڙيونْ: ث. اوتڻ جو نمونو. تيل يا گيهه وغيره جو ڏڪ (جو ٽڪل يا اپري جانور کي وجهجي).

– اوتُون ڏيڻ: پاڻي، جو زور زور سان وهڻ. هوا جو زور سان گهلڻ. پلٽجڻ "اُٿر اوتون ڏي، ته مون سوڙ نه گبرو" (شاهه).

– اوتون ڪرڻ: حملا ڪرڻ – مٿان وڙڻ.

– اَوتيل پوتيل (ت): ڏ. صفت. آزمايل – پرکيل – جاچيل جونچيل.

• اوتي (ت): ث. ٽڻ جي گڙڏائي.

• اوٽ ج اوٽون (ل): ث. چپ. گهري آفت "ٽل کا اوٽ پويئي". پاپ – هجا. گهٽي نند. نند جو غلبو. گهَٽ.

– اوٽَ پوڻ: چپ ڪرڻ. هجا پوڻ – مصيبت نازل ٿيڻ.

– اوٽَ جَڙهڻ، وڙڻ (ل): نند جو خمار چڙهڻ – گهر جڙهڻ.

• اوٽارو: ڏ. هندن ۾ موت کان پوء پارهئي جو هڪ ڪريا ڪرم. خراب خواب – نند ۾ ڏيڇڙ.

• اوٽاڪ، اوٽاگ: ڏ. چوپائي مال کي پهرائي وڃڻ جي حالت. چارڻ لاء چوپايو مال جهنگ ڏي وڻي وڃڻ.

• اوٽاگڻُ: مصدر. چوپائي مال کي اُٽاري چارڻ لاء جهنگ ۾ وڻي وڃڻ. مال سان پهرجي وڃڻ صبح جو سويل مال پهرائڻ – اوٽائڻ.

• اوٽان، اوٽو: ڏ. صبح جو اُٺ جي مهل "اوٽان مهل آهون ڪريان. جيئن ڏور لوڏي ڏيهري" (صدرالدين چارڻ).

• اوٽائڻ (ل.ث): ڏ. بن پهرن جو چوپائي مال کي وٽان ۾ وڻي اڇڻ جي حالت.

• اوٽائڻُ: مصدر. مال کي جهنگ ۾ وڻي وڃي چارڻ. مال سان پهرجي وڃڻ – اوٽاگڻ.

• اوٽپ (ث)، اوٽپ: ڏ. جسم جي ٽڪرڻ واڌ. اوسر – اوپرَ.

• اوٽرُ (ت): ڏ. تمام سخت واء. گهٽائي. زور.

• اوٽڻ اوٽڙ: ث. اَٽڻ – ڪنهن وڇڙندڙ بيماري، سبب موت گهٽجو ٿيڻ.

• اَوٽڻُ: ڏ. صفت [سن. اَو + سْٹَرَ] جنهن کي هڪ هٽ ٽڪاء نه اچي. اَڻوٽهرو – اڙهنگ – اَهند – حرڪتي.

• اوٽڪ: ث. سَنبَت ـ تياري. هُشي.

• اوٽڪ (ث): ث. اڇ وڇ.

• اوٽلاڙ ج اوٽلاڙون (ل): ث. اَها ڏڳي يا مينهن جيڪا وري وري ڦرجڻ جي باوجود ڏُڪي نه ٽڻي. ٽلهي.

• اوٽلو: ڏ. صفت. اَٽليل. هڪ پاسي وڙيل (ڳنڍ). وڪوڙيل.

• اوٽماڻي (ڪ): اسر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• اوٽو ج اُوٽا (ل): ڏ. جيڏ جو هڪ قسم (جو گرم ڪپڙي کي ٽڪيندو آهي) – ڇوٽو.

• اوٽ (ت): اسر خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• اوٽڪ: ث. اٽڪل – اندازو – ڏُکو. قياس – گمان – انومان. ڏنگ – ڏاڻ، (ڪم جو). ويڙ جو چاڙهه. اُجڻ جي حالت. "موٽ" جو ضد. خبر – سماء – ڪڙڪ بخيي جو هڪ نمونو (ث) – اوتي.

• اوٽ تي هلڻ: اٽڪل سان هلڻ – ڏُکي تي ڪم ڪرڻ.

• اوٽي ج اوٽي: ڏ. صفت. جيڪو ڏُکي يا اٽڪل تي ڪوبه ڪم ڪري – جنهن کي ڪم جو ڏاڻ نه هجي.

• اوڻ ج اوڻون: ث. پناهه – آڏ – پردو. ڍڪ – اولو – اجهو – بچاء – ڇانوَ "سال سٽڪن. جال چنڪن. ڪان ڪن آڙ. آڏ. اوڻ" (گل). جهلو – اوٽ – سهارو. پاسو – پر. ڪنارو – ڪنڊي. ڪڪن جي ڪنڊي – پٽر. ڪڪن ڪاڻن مان ٽهيل آڏ. ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ڏاڻ. ڪنهن ڳالهه جي معمولي ٽيٽ – ڪڙڪ. ڪپهه مان ڪڪرن ڌار ڪرڻ جو ڪم. هُر جي پهرين ڪيڙ. مينهن جو وسڪارو.

– اوڻائتو ج اوڻائتا: ڏ. صفت. اوٽ ۾ آيل – اوٽ وارو – ٽڪل. پاسيرو – پرپرو. پناهه وارو – محفوظ.

– اوڻ تي هلڻ: ٽڪ تي ڪم ڪرڻ. آڏر تي هلڻ.

– اوڻ ڪَرڻ: ڍڪ ڪرڻ – پردو ڪرڻ – حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

– اوڻ وٺڻ: پناهه وٺڻ. سام پوڻ. ٽيڪ وٺڻ. حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

• اُوڻ ج اُوڻ (ل): ڏ. ڍ ڳ – ويڙ (جو محض ڏيکاء لاء هجي).

• اوڻارُ ج اوڻارُ: ڏ. لَٽ يا مٽي، جو ٽهُ – ريٽ، درياء ۾ ٻيڙا ٽيل واريء جو ٻيٽ – ٻيتارو. لٽ. غبار – ڏَڙ – لڙات. ويڙ – ڍڳ. پڙ (ل). غبار (دل جو) – غم. اونگهه – پنڪي (نشي جي). پور – خيال. يادگيري (ت).

– اوڻارُ لَهي وڃڻ: يادگيري لَهي وڃڻ. خيال لهي وڃڻ.

• اوڻاڻڻُ: مصدر. [سن. آ + سْٹرڻ] لَٽڻ – ڍڪڻ (مٽي، سان. پُورڻ (ڪڏ کوٻو). ياد ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ. غم ڪرڻ. غبار چڙهڻ (دل تي). (اوڻاريو – اوڻريندو – اوڻاريل).

– اوڻاڙ: ٽهه دل تي بار. ڳڻتي – چنتا – فڪر. غم. خيال (جو ويڙهي

وڃي). يادگيري.

– **اوتارڻ**: مصدر. "اوتارڻ" مان فعل مجهول. لَٽِجڻ – متيءَ سان ڍڪجي وڃڻ. ڳڻتي ۾ ويڙهجڻ "اوتارجي اڄ ويو. گوندر گڏيائون" (رسالو).

– **اوتاري ج اوتاري**: ذ. صفت. لَٽيندڙ – متيءَ سان ڍڪيندڙ. فڪرمند. غمگين.

– **اوتاري وڃڻ**: لَٽي وڃڻ. چڙي وڃڻ. نظرانداز ڪري چڏڻ (غم. ڳڻتي).

• **اوتاڪ ج اوتاڪ** (ت): ذ. چوپائي جو اهو قُرُ جنهن جو ڪير ڏاڙهه بند ٿي ويو هجي.

• **اوتَرُ**: ذ. ڳڻتي – فڪر – چنتا. غم. بار – غبار اوتار "اوتريو آهار. هينئڙو لت لٽي ويو".

• **اُوتِرو ج اُوتِرا** (ڪ): ذ.ٻيل گاڏيءَ جي هڪ ڪاٺي (اوڍِ جي اڳئين پاسي واري ايي ڪاٺي جنهن تي گاڏي سڏي بيهي) – رَوٽڙو.

• **اوتِلو ج اوتِلا**: ذ. [سن. آوَرْتَهـ + لو] گهر جي اڳيان ٽلهو (چيٽي ۾ ڳوهيل واريءَ جو ٽهيل).

• **اوتَ موت**: ث. وڃڻ ۽ اچڻ. ڪنهن منزل تائين وڃڻ ۽ اچڻ جي حالت. ٻٽي مٽا (سفر). (ظرف) ايندي ۽ ويندي.

• **اوتَڻ**: مصدر. پناهه ڏيڻ – بچائڻ – مدد ڪرڻ. اوٽي ڏيڻ (ڪپڙي ڪي). ڪپڙي جون ڪناريون ورائي سبڻ. ڪهه مان ڪڙا ڪيڻ – ڪهه ٽائڻ. زمين کي هر ڏيڻ شروع ڪرڻ – ڪيڙڻ جي ابتدا ڪرڻ. ڪپڙي کي ڪنڊ هڻڻ. جهنڊ (بال). مدد ڪرڻ (ت). ڪنگهڪار ڪرڻ. (اوٽيو –اوٽيندو – اوٽيل).

• **اُوتِلو ج اُوتِلا** (ل): ذ. ٻيل گاڏيءَ جي هڪ ڪاٺي (اها ڪاٺي جا گاڏيءَ جي پولهه کي مٿي ڪٽي بيهي) ـ رَوٽڙو.

• **اُوتو (اوڙو)** (ت): ذ. صفت. گندو – خراب خواب ۾ پليد ٽيل – تَرَ پيل. بي اولاد.

• **اوتو ج اوتا** (ل. ت): ذ. ليپي جو هڪ قسم (واري، چيٽو ۽ مٽي ملايل ليپي). گهر جي اڳيان ٽلهو. اگ (ث).

• **اوٽي ج اوٽِيُونُ**: ث. [سن. اُوتي] ڪپڙي جي اندر جي ورائي سبيل ڪناري. بخيي جو هڪ نمونو. پرت جو هڪ قسم (ث).

– **اوٽياري**: ذ. اوٽيءَ وارو (ڪپڙو) ـ اوٽين ڏنل.

– **اوٽياري ورائڻ**: سبيل ڪپڙي جي ڪناري موڙي تويو ڏيڻ.

• **اُوٽِي ج اُوٽِيُونُ**: ث. ٻارن جي هڪٻئي کان رَسي جدائي ڪرڻ جي حالت (ٻار جڏهن رَسندا آهن تڏهن پنهنجون چيڇون ملائي هڪٻئي کي "اوٽي" جو لفظ چوندا آهن) – ڪٽِي.

• **اوٽيرُ**: ذ. لوڻ پوڄ – بيقراري "اوٽيرُ پيو عيال ۾، الخ" (ثابت علي شاهه).

• **اوٽِيرو ج اوٽِيرا**: ذ. وڏ جي تاريءَ جو ٻيوند يا قلم. ٻڇو (ڪيوڙي جو). (صفت) هاري – زمين ڪيڙيندڙ.

• **اُوٽَ ج اُوٽُونُ** (ڪ): ث. ننڍي ٻڪري – پٺ – اُيٺ.

• **اوٽڻ** (فعل): ث. اوٽ. بچاءَ – پناهه. پرهيلو – آڏار.

• **اوٽ، اوٽ ج اوٽُونُ** (ل): ث. [وَسڻ > وَٽو > اُٽو > اوٽ] وَس. جهجهي برسات. وُٽي جي جَر. مينهن جو گڏ ٽيل ٻاڦي – پلر اُٺي اوٽ اُتر ڪان. جانب ياد اڃن". مينهن جي ٻاڦيءَ جي ٻوڙ. مينهن جو ٻاڦي. جو مٺانهين، تان ڏوڪيندو هيناهين، ڏانهن اڃي.

• **اوٽا**: اسر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اوٽار ج اوٽاريُونُ** (ڪ): ث. مچيءَ جو هڪ قسم (سنهن چلرن سان. ويڪهه چار پنج انچ).

• **اوٽارُ ج اوٽارُ**: ذ. صفت. اُٽن وارو – اوٽي – جَٽ. اُٽ چاريندڙ. (ذ) اُٽن جو گلو.

– **اُوٽاري ج اوٽاري**: ذ. صفت. اوٽارُ – اُٽن وارو.

• **اوٽارو** (ل): ذ. خراب خواب – اوٽارو.

• **اوٽاڙي ج اوٽاڙي** (ث): ذ. صفت. اوداڙ – اوٽي.

• **اوٽائي ج اوٽائِيُونُ**: ث. بيٺ جي مٽي ڇڪ. سماع وقت ڏنل بيٺ. پاڙ – اوسار. مرٽيو.

– **اوٽائيُون ٻڌائڻ، سُٽائڻ**: سڏيون ٻڌائڻ – ڪنا جواب ڏيڻ.

• **اوٽلو ج اوٽلا** (ث): ذ. [ڏاتڪي] آهورو.

• **اوٽَڻُ** (ث): مصدر. ويجهو ٽيڻ.

• **اوٽو ج اوٽا**: ذ. صفت. اُٽ جو (ڪير. گوشت. مال وغيره). اُٽ وارو – اوٽي.

– **اوٽي ڪِيڻُ هُجڻ** (ت): ڪمزور هجڻ. بي بقا هجڻ.

– **اوٽو ج اوٽا** (ل.ت): ذ. اُهيجاڻ – نشان – پاڙ – پتو.

• **اوٽا سوٽا** (ث): ذ. پاڙ پتا. طعنا ٽُڪا.

• **اُوٽي اوٽو ج اوٽا**: ذ. صفت. [سن. اَدشت] پليد ـ ناپاڪ – نجس. مٽي ميرو. (ث) اُوٽي ج اَوٽِيُون.

– **اُوٽائي، اوٽائي**: ث. ناپاڪائي – پليدي. نجاست. مٽي ميرائي.

• **اوٽِوال** (ڪ): اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوٽو ملاڻڻُ، روڳُ**: دڙي دڪي ڪيڻ – زمين سڏڻ.

• **اوٽِنڀانگ، اوٽِنڀانگِڙو** (ل): ذ. ايتري برسات جنهن مان اُٺ جي مُٺ جيتري پوسل ٿئي – ٿورو مينهن.

• **اوٽي ج اوٽي**: ذ. [سن. اُشْتْرَ = اُٺ] اُٺ وارو – جٽ. اُٺ سوار. قاصد – ربارو. (اسر خاص) مسلمانن جي هڪ ذات جي نالو.

• **اوڀي ج اوڀيُون (ت)**: ث. رڍ جو هڪ قسم (جنهن جو رنگ ۽ ڪن اڪ جهڙا ٿين). مچيءَ جو هڪ قسم (سنهڙن اڇن چادرن سان. ڏيکو. انڪل اڏ فوت).
• **اوڀيڙ**: ث. مچيءَ جو هڪ قسم.
• **اوڀيڙو، اوڀيڙو ج اوڀيڙا، اوڀيڙڙا**: ذ. صفت. اڪ سُوار – شتر سُوار. اڪ تي جڙهيل قاصد. قاصد – ريهارو. مچيءَ جو هڪ قسم.
• **اوڀي ڳلهي**: ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
• **اوڀينگڻ (ت)**: مصدر. ٽيڪ ڏيڻ.
• **اوپاڄ (ل)**: ذ. پيدا ٿيڻ جي حالت. پيدائش جاءِ (ٻار). "تپاڄ" جو ضد.
• **اوپار (س)**: ذ. اپراسو – فائدو – نفعو.
• **اوپارڻ**: مصدر. [سن. اُتْپارڻ] اُپاڙڻ – ڪڍو ڪرڻ. اڪرڻ – پار ڪرڻ.
• **اوپارو ج اوپارا (ث)**: ذ. متيءَ مان ٺهيل ڄُلهه (جا ڪٿي يا چوري پوري سگهجي).
• **اوپاڙو ج اوپاڙ (ت)**: ذ. ڏنگهڻ جو ٻور.
• **اوپڻ، اوڀڻو**: ذ. صفت. [سن. اُپرِ چتّه] ڏاريو – بيگانو – اوپرو (مائهو)
• **اوپر**: ظرف. متي – مٿانهون . مثل "اوپر سون اڻيا متي موهر ميينهن" (قطب شاهه).
• **اوڀرنو ج اوڀرڻا**: ذ. [سن. اُورڻ - ڍڪڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. مرشد يا گروءَ کان تحفي طور ملهيل ڪپڙو (چادر وغيره). عورتن جي ڍڪڻ جي سنهي چادر – اوڍڻي. رَڙو.
• **اوپرو ج اوپرا**: ذ. صفت. [سن. اُپرِ چتّه] ڏاريو – بيگانو – باهريون. پرديسي. نامحرم. ڪٿ جي ويڪر (سيراندي، پيراندي، وارين ۾ ڪائين مان هڪ ڪائي.
• **اوپري ج اوپريُون**: ث. صفت. ڏاري. اڻ ڏنل – نڪتل. (ت) ڪٿ جي ويڪر (سيراندي، پيراندي، واري هڪ ڪائي – اوپرو.
• **اوپڙ، اوپڙ (ث)**: ذ. [سن. اُدِيْدْ = واڌ (گاه ٻوٽن وغيره جي)] زخر جي واڌ. سڌارو. واڌارو.
• **اوپسر**: ث. ڪُنوڙ – وڃ "اڄ اليهر اوپسر مُک مرمر موجاراس" (صدرالدين).
• **اوپڻ**: مصدر. پاڻي اُپائڻ – پاڻي باهر ڪڍڻ (ٻيڙيءَ مان). (اوپيو – اوپيندو – اوپيل).
• **اوپو (ل)**: ذ. پراڻو بار – ٻڌي جي ذميداري.
• **اُوڄ ج اُوڄَ**: ذ. [ع] بلندي – مٿانهين. چوٽي (آسمان جي) – ڪاپار – سمت الراس. مٿانهون درجو – مرتبو. عزت – اقبال – شان. ڪمال – عروج. واڌارو – ترقي. [سن. اوجس = تيج. روشني] بل – سگهه – همٿ. پرجهلو.
– **اُوج سَرَ**: ذ. موسيقي ۾ هڪ سر جو نالو.
– **اُوج شرف**: ذ. عزت يا شان جي بلندي.
– **اُوج فلڪ**: ذ. آسمان جي چوٽي – سمت الراس.
– **اُوج ڪي پهڄڻ**: ترقيءَ ڪي پهڄڻ – بلنديءَ تي پهڄڻ – عروج تي پهڄڻ.
• **اوجاڙڻ**: مصدر. [سن. اُجّوَلَنْ - چمڪائڻ] اُجاڙڻ. صاف ڪرڻ. چمڪائڻ. صيقل ڪرڻ. روشن ڪرڻ (نالو). (اوجاريو – اوجاريندو – اوجاريل).
– **اوجاڙ**: ث. اوجَر. اُجلائي – صفائي. چمڪو.
– **اوجارائڻ**: مصدر "اوجاريڻ" مان متعدي بالواسطه. صفا ڪرائڻ – چمڪارائڻ (هٿيار. گُهه. وغيره).
– **اوجارو ج اوجارا**: ذ. اوجَر ـ صفائي. سوجهرو روشني.
– **اوجاري ج اوجاري**: ذصفت. اُجاريندڙ (نالو). نيڪي ڪمائيندڙ (وڏن يا خاندان جي). روشن ڪندڙ (نالو).
• **اوجاڳڻ**: مصدر. [سن. جاگْرڻ = جاڳڻ] جاڳڻ – نند نه ڪرڻ. (اوجاڳيو – اوجاڳيل).
• **اوجاڳو ج اوجاڳا**: ذ. نند نه ڪرڻ جي حالت – جاڳ – سُجاڳي.
– **اوجاڳا ڪيڻ، ڪرڻ**: نند ڦٽائڻ – راتيون جاڳڻ. راتيون جاڳي محنت ڪرڻ. سخت تڪليف سهڻ.
• **اوجاڻ (ث)**: ث. زمين جو ٽورو تڪر.
• **اوجَرڻ**: مصدر. [سن. اُجّوَلَنْ] اُجرڻ – صاف ٿيڻ (گُهه. هٿيار. وغيره) چمڪڻ – جَرڪڻ.
– **اوجَر ج اوجَر**: ذ. چمڪو. صفائي. روشني.
– **اوجَر ڪائي**: چمڪڻ – صيقل ٿيڻ – اُجرڻ.
• **اوجرو**: ذ. سوجهرو. نور. روشنائي.
• **اوجَڙ ج اوجَڙ**: ذ. اُجاڙ – ويراني – بربادي. (صفت) ويران – برباد – اُجَڙ.
• **اوجَل ج اوجَل**: ذ. صفت. [سن. اُجّوَلَنْ] صاف – اُجريل. چمڪندڙ – روشن – تابان. سُهڻو.
• **اُوجلائي، اُوجلتا**: ث. صفائي – اوجَر. چمڪو – خرڪو. پاڪيزگي.
• **اوجلو**: ذ. سهائو – روشنائي "اپين پونيين اوجلو. جلوو جڳ جوئي" (شريف شاهه).
• **اوجمڻ (ث)**: مصدر. پورو ڪرڻ – ختم ڪرڻ. (اوجميو – اوجمندو – اوجميل).
• **اوجو ج اوجا (ث)**: ذ. ڏاس مان ٺهيل ٽيلهو وغيره. ڪرڙي. ڪٿي.

• **اوجيس، اُجاس (ث):** ث. روشني – سوجهرو.
• **اوجيساڻو (ث):** ذ. [سن. اُچشَنَ] ڪجرو – ٻَهر.
• **اوڇ:** ث. [اُڇ > اوچ] اَٿاوت جو ڪر – اَٽڪ – اَٿاوت. ناڪَپ – ناهه. مضبوطي. ترقي – واڌ. [ع. اوج] بلندي. واڌارو. سرخروئي. [سن. اوْڇ] طاقت – استعداد – قوّت – همٿ مدد – پُشتي. ٽيڪ – پٺيراڻي.
– **اوڇ اُڇڻ:** پُشتي اڇڻ – ٽيڪ اڇڻ (ڪم ڪي). هُٽي اڇڻ. ترقي اڇڻ.
– **اوڇ ڏيڻ:** پُشتي ڏيڻ. هُٽي ڏيڻ. جوت جاڳهڻ. بلنديءَ تي رسائڻ.
– **اوڇو:** ذ. اَٿاوت – اَٽڪ.
– **اوڇون ڪرڻ:** وڏائي يا فخر ڪرڻ. علم تي باور ڪرڻ – ظاهري ڏيک ڪرڻ. اوڇون ڪري عالمَ ڪي. منجهايو مُلن".
– **اوڇو، اوڇي:** ذ. صفت. چست – چالاڪ. سگهارو – زور ۽ طاقت سان ڪم ڪندڙ.
• **اوڇو ڪرڻ:** ڏڙ ڪرڻ (مينهن). نند ڪرڻ. آرام ڪرڻ.
• **اوڇاهُ (ل):** ذ. [اُڇهَڻ > اوڇاهه] چاهه. شوق – وٽ "مينديا ڏوڻ نه مارئي. ڪونهي اَنَ اوڇاهُ". خواهش – سڌ.
• **اوڇرُ ج اوڇرَ (ث):** ذ. اوڇرَ. صفائي. چمڪ.
• **اوڇرُ ج اوڇرَ (ل):** ذ. [ع. اَدَمْ؛ سن. اُدْ = مٽي + يَمْ = جهلڻ. ڪم لاءِ هٿ ڪٽڻ] اُدم – سعيو – ڪوشش – تاڪيد. سرخوشي – اتساهه.
• **اوڇڻ:** مصدر. [سن. اُڏَيَ] اَٽڻ – ناهڻ (ڪپڙو). (اوڇيو – اوڇيندو – اوڇيل).
• **اوڇو ج اوڇا:** ذ. [سن. اُڏَيَ] اَٿاوت – اَٽڪ [سن. اُڏَڪا] چست – چالاڪ – سگهارو – زور ۽ طاقت سان ڪم ڪندڙ.
• **اوڇهُ ج اوڇهَ:** ذ. [سن. اَپ + يَڇْ] پورائو. اَڪلاءِ نبيرو – فيصلو. اوڇ – واڌارو.
• **اوڇهُ ج اوڇهَ:** ذ. [سن. اَپ + يَڇْ] پورائو. اَڪلاءِ نبيرو – فيصلو. اوڇ – واڌارو.
• **اوڇهُ ج اوڇهَ:** ذ. [سن. اُدَرَيَه] اوڇهي معدو (جانور جو). اوڇهيءَ ۾ ٻيل گُنڊ پيٽ.
– **اوڇهُ اوڇڻ:** ڪڙو ڳالهائڻ. گند اوڳاڇڻ. بکواس ڪرڻ.
– **اوڇهُ ڏيڻ:** ڪيتو لوڙڻ – نتيجو پوڳڻ – بدلو ڏيڻ.
– **اوڇهُ ڪَڍي وڃهَڻ:** اَڏَت ماري وڃهڻ. پيٽ ڦاڙي ڇڏڻ.
– **اوڇهڙ ج اوڇهَر:** ذ. اوڇهي. پيٽ – ڍِڊ.
– **اوڇهڙُ پرڻ:** پيٽ پرڻ – ڍِڊ پرڻ – ڍِڊ ڪرڻ.
• **اوڇهراڙ ج اوڇهراڙون (ث):** ث. رَهڙ – رَهَنڊ.
• **اوڇهڙاڙو ج اوڇهراڙا (ث):** ذ. صفت. اونداهو – بنا روشنيءَ جي.

• **اوڇهراڪي ج اوڇهراڪيُون:** ث. نند جو جهُرتو – پنڪي.
– **اوڇهراڪيُون اُڇڻ:** پنڪيون ڪائڻ – جهوٽا ڪائڻ.
• **اوڇهراڻي ج اوڇهراڻيُون:** ث. جهرتو (نند جو) – پنڪي.
– **اوڇهراڻيون ڪائڻ:** پنڪيون ڪائڻ – جهوٽا ڪائڻ.
• **اوڇهڻ:** مصدر. نند سبب جهوٽا ڪائڻ – پنڪيُون ڪائڻ. نند جو غَلَبو ٿيڻ. (اوڇهريو – اوڇهرندو – اوڇهريل).
• **اوڇهرو ج اوڇهرا:** ذ. اونداهي. "سوجهرو" جو ضد.
• **اوڇهري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوڇهري ج اوڇهريُون:** ث. جانور جو معدو – اوڇهه.
– **اوڇهري ڏارڻ:** تحمّل ڪرڻ – بَرد بار ٿيڻ.
– **اوڇهريءَ ڦاٽو ج اوڇهريءَ ڦاٽا:** ذ. گهٽو ڪائيندڙ – پيٽوڙي. گهٽو ڳالهائيندڙ – بڪواسي.
– **اوڇهريءَ وارو ج اوڇهريءَ وارا:** ذ. بردبار – متحمل.
• **اُوڇهڙ:** ث. خراب هنڌ جهنگ وارو هنڌ (جتي رستو هٿ نه اچي) "اوڇهڙ اَسونهن. ڏيهه گهٽو ٿي ڏوريو" (شاهه). گمراهي.
• **اُوڇهڙ ج اُوڇهڙُ:** ذ. صفت. رستي کان هٽيل – گمراهه. بي واٽو. ڏکيو – اَڻانگو – مشڪل.
• **اوڇهڙ اوڇهائڻ:** اوٽو اولڻ – گمراهه ڪرڻ.
• **اوڇهڻو (ث):** ذ. ڪنواريءَ سڀاڻي جي گهر اڇڻ جي حالت.
• **اوڇو:** ذ. صفت. حيران.
– **اوڇو ٿيڻ:** حيران ٿيڻ "عقل ات اوڇو ٿيو. هو هليا سامهان" (شاهه جو رسالو).
• **اوڇهَ ج اوڇهُون (ل):** ث. [سن. اُدْ = مٽي + جِجا = جاڻڻ] اُهجاڻ – نشاني – پاڙ. روش – مهاندرو. شبيهه.
• **اُوڇ ج اُوچ:** صفت. [سن. اُچ] مٿاهون – اُجر – اعليٰ. (ذ) بلندي – اُجائي. رڌائي – وڏو مرتبو. سبقت – اڳرائي.
• **اوچ نيچ:** ظرف. هيٺاهين – مٿاهين – نشيب فراز. چڱائي مٺائي – نيڪي بدي.
• **اوچارو ج اُوچارا:** ذ. اُپڙڪو – اُلٽيءَ جو خيال – اوچارو.
• **اُوچتو ج اوچتا:** ظرف. بيخبريءَ ۾ – اُچانڪ – ناڳهان – اتفاق سان. اَمالڪ – يڪدم. (اسم خاص) ٻه درياهيءَ وٽ سنڌو نديءَ جي هڪ ٽڪ جو نالو.
– **اوچتائي:** ث. بيخبري – ناڳهاني.
• **اوچنائي ج اوچنائيُون (ڪ):** ث. [سن. اُچڪ = مٽي نهارڻ] ڪنهن مٿاهين هنڌ ڪان ڪيل نگاهه – نظر – نهار.

• **اُوچو ج اُوچا:** ذ. صفت. [سن. اُچّ] اُتاهون – اعليٰ – بلند "اُوچو تون عرش تي. آ: پُرئو مٿي پون" (شاه). [سن. اُتْكَرْشْتَ] عمدو – قيمتي. (ث) اوچي ج اُوچيون.

– **اُوچائي، اُوچائي:** ث. بلندي – مٿانهين – اُتانهين. وڏائي. فوقيت – برتري.

– **اُوچي نيچي:** ث. هيٺاهين مٿاهين (زمين) "سائر ڏيئي لت. اوچي نيچي هوڙئي" (قاضي قاضن).

• **اُوچيڙو ج اوچيڙا (ل):** ذ. مينڍهن بعد ڪُڪرائي – نوائي – تڙڪو.

• **اوچيهَر:** اسم. خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوچَ ج اوڇون (ل):** ڪمينائي – رذالت. خسيسائي – نيچپائي. مُونجهه – حيراني.

• **اوچ (اس):** ث. اوچن – اوچئي "سا پرهي برهيم پرينءَ جي سڃي اوچ سري" (مڱيو برادين).

– **اوچائي ج اوچايُون:** ث. ڪمينپ – خسيسپڻو. هلڪائي – ترڙائي. گهٽتائي.

– **اوچون ٿيڻ:** مُنجهڻ – حيران ٿيڻ "عاقل ٿي اوچون ٿيا. پورو ڪين پچي" (شاه).

• **اوچاپو:** ذ. [سن. هتيچا] عنايت – نوازش. امداد. ايچپر – تورو.

– **اوچاپو ڪرڻ:** ايچپر ڪرڻ. نوازش. امداد ڪرڻ.

• **اوچارڻ (ل):** مصدر. [سن. اُتْكْشيپَنْ] قيءَ ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ – اوڪارڻ. (اوچاريو – اوچاريندو – اوچاريل).

– **اوچارَ ج اوچارُون (ل):** ث. قيءَ – اُلٽي – ڪَيَ.

– **اوچارائڻ:** مصدر. "اوچارڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلٽي يا قيءَ ڪرائڻ.

– **اوچارو ج اوچارا:** ذ. اُلٽي – ڪَيَ – قيءَ – اوڪارو.

• **اوچاڙ ج اوچاڙُون (ل):** ث. [سن. اُچّدَ = پوش. ڏڪ] چادر يا پيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي مٿان وجهيو آهي. فوتيءَ جي ويجهن عزيزن جو فوتيءَ جي وارث کي چادر وغيره بدران ڏنل عوض – چاڙ.

• **اوچاڙو:** ذ. [سن. اُچّدَ = پوش. ڏڪ] چادر يا پيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي ڪفن مٿان وجهيو آهي.

• **اوچا ڪرڻ (ث):** ڏينهن پورا ڪرڻ. ٽورا ڪرڻ.

• **اوچانڪ ج اوچانڪ:** ذ. اُچانڪ – چاڙ. ٽپو. ٻَل.

• **اوچائي ج اوچائيُون (ل):** ث. [سن. اُچّدَ] اوڇڻ – ڪپڙو. چادر. پوشاڪ.

• **اوچائڻ:** مصدر. ڏڪائڻ – ڀهرائڻ – اوڙائڻ.

• **اوچري:** ث. ٽهڙ. چاڙ (اُلٽي جو).

• **اوچَڙو ج اوچَڙا (ث):** زاڪين اُلٽي پوڻ جي حالت – اوچَر. گرميءَ سبب اکين جو اوٽار – آشوب چشم.

• **اوچلو ج اوچلا:** ذ صفت. ڪمينو – ذليل. سفلو – ترڙو. بد مزاج. پُراڻو – جهونو. خراب.

• **اوچنڪارَ ج اوچنڪارُون:** ث. زور سان روئڻ جي حالت – "آچو آچَ" ڪري روئڻ. ٻار ڪڍي روئڻ جي حالت – اُچنڪار.

• **اوچنڪارون ڏيڻ:** زور سان روئڻ – ٻار ڪڍي روئڻ. روج ڪرڻ.

• **اوچنڪارڻ:** مصدر. آواز سان روئڻ – ڏاڍيان روئڻ. (اوچنڪاريو – اوچنڪارينڊو – اوچنڪاريل).

• **اوڇڻ ج اوڇَڻ:** ذ. [سن. اُچّدَ = ڍڪڻ. لڪائڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. ڪپڙو لٽو. ڏڪ سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو ڪپڙو.

• **اوڇو:** اسم. خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوچو ج اوچا:** ذ. صفت. [سن. تُچ] گهٽ ذات وارو. نيچ – خَسيس – حَقير. ڪمينو – ذليل. بدفضيلتو. (ث) اوچي ج اوچيُون "آ تان اوچي ذات. تون ٻاڻ سجاتج سُپرين" (شاه).

• **اوڇَٽو ج اوڇَٽا:** ذ. [سن. اُتْسَوَ = شادي. خوشي] شادي. وڏو ڏينهن. خوشي ملهائڻ جو موقعو. جلسو (جنهن ۾ سادو فقير ڪارائجن).

• **اوچيندو ج اوچيندا:** ذ. قوڻيندو – چالٽو.

• **اوحري:** اسم خاص. سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نقاد حافظ غير محمد جو تخلص.

• **اوخت (ڪ):** ث. خاتمو.

• **اُودَ ج اُودُون (ل):** ث. ٻيل گاڏيءَ جي اڳين ڍڳهي ڪاٺي – پرڀ.

• **اُودُ ج اُودَ:** ذ. [سن. اُدْرَ] آبي جانور جو هڪ قسم – لَڏرو. ڳهٽو ڪائيندڙ – ڏَڻوٽ.

• **اودگسرو:** ذ. پڙنگ.

• **اُودو ج اُودا:** ذ صفت. ميرو (رنگ) – پُورو – ڪڪو – خاڪي جهڙو (رنگ). (ث) اُودي ج اُوديُون.

• **اودو ج اودا (ث):** ذ. ننڍيرو گونڊو (قرن بند ڪرڻ لاءِ) اودا گونڊا ٻندڻيا ٻيهيرا نيتا" (شاهه عنات).

• **اُودي ج اُوديُون:** ث. شڪار لاءِ ڪاٺو – شڪارين جي ويهڻ جي مخفي جاءِ. جُوجڪي. مرڳهي (بيماري).

• **اُوديا:** ث. [سن. اَ = نه + وديا = علم] بي علمي – جهالت.

• **اُوڏ:** ث. [سن. اُوڏ < اُرَ = پري + ڏا = رکڻ. جهلڻ] عرصو – مُدو – حَد – پڇائي. آخري عمر. ٻيل گاڏيءَ جي ڍڳهي لٻ (جنهن ۾ پانجاري وجهي ڍڳا جوتجن) – هُرنهُنْ (ت).

• **اُوڏُ ج اُوڏَ:** ذ. صفت. [اَ + وَڏ > وڏ] نه وڏندڙ. پُراڻي وَڏ جو سَلو.

• **اُوڏُ:** صفت [سن. اَ = نه + بُدّ = سمجهه] اَبُڌ. بي سمجهه. خراب ذات وارو.

• **اوڏ ج اوڏُون (ل):** ٿ. [سن. وُڏ > وڏ] ڪنهن ٻوٽي جي اُها تاري جا سوڙائي زمين ۾ ٻوري جڙجي (جتان اُها تاري پاڙ هڻي ٻئي ٻوٽي جي صورت وٺندي آهي)، وڻ جو گوشو يا انگور، ٻيوند – قلم، واڌ – ماڄ.

– **اوڏ ڏيڻ:** وڏڻ ـ مٽي اڇڻ. گرمي ڪرڻ.

– **اوڏ لڳائڻ، هڻڻ:** ڪنهن ٻوٽي جي تاري ورائي زمين ۾ پوڙڻ (جتان ٻيو ٻوٽو ڦٽي نڪري)، قلم هڻڻ، ٻيوند ڪرڻ.

• **اوڏاڻ ج اوڏاڻ:** ذ. صفت. [سن. اُوڏاڻ < اُوَ + ڏا = رکڻ، جهلڻ] سُڄيٽ – خبردار – ٻهري سُجاڳ [سن. اُوَ ڏاوَن = صاف ڪرڻ] اَڻ جي واڻُ (ل).

• **اوڏاڻ:** ٿ. [اُڏڻ" >اوڏاڻ] رَڻي – دَرَ – غُبار – مٽي.

• **اُوڏاڻ، اُوڏاڻ:** ذ. [سن. اُڏڏاڻ = مٽي چڙهيل، اپريل] وڻ جو گوشو يا انگور، اُوڏڻ" اُپريا اُوڏاڻ. رُت رسائي سڄڻين" (شاهه جو رسالو). مٽي جا وارَ.

• **اوڏَر ج اوڏَريون، اوڏَرُون:** ٿ. [سن. اُڏڏار < اُڏ = مٽي + ڏر = رکڻ، جهلڻ] اُڌار – ڪُٽت، قرض، قرض طور ڏنل رقم، ٻئي ڏي رهيل حساب.

– **اوڏَر ٿي هلڻ:** براون پٽسن تي هلڻ، قرض ڪٽي پورت ڪرڻ.

– **اوڏَر پاڻ سوڏَر:** ٿ. قرض پڪو – ڪُٽت.

– **اوڏر جو ڪاتو:** ذ. اوڏر جي داخلا جي وهي.

– **اوڏَر ڪٽائڻ:** قرض طور ڏيڻ، قرض ڏيارڻ.

• **اُوڏَري (ث):** ٿ. لڄ – حياءَ – شرم.

• **اُوڏَري وڃڻ:** شرم وڃڻ – لڄ ڇڏي وڃڻ.

• **اوڏڻ:** مصدر. [سن. اُڏڏاوُ = صاف ڪرڻ] اَڻ صاف ڪرڻ واڻڻ. (اوڏيو – اوڏيندو – اوڏيل).

– **اوڏ:** ٿ. مصدر. "اوڏڻ" مان اسم. واڻُ.

– **اوڏائي:** ٿ. اَڻ صاف ڪرڻ جو اُجورو.

– **اوڏائڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان متعدي بالواسطه. اَڻ صاف ڪرائڻ – واڻرائڻ.

– **اوڏجڻ:** مصدر. "اوڏڻ" مان فعل مجهول. اَڻ جو صاف ٿيڻ – واڻرجڻ – ڇڏجڻ.

• **اُوڏوٽ ج اُوڏوٽ:** صفت. [سن. اُوَ = پري + ڏُو = چندڻ، ترڪ ڪرڻ] ويراڳي نانگو فقير، سخت زاهد، تارڪ الدنيا "ڪو آدم اوڏوت، سمجهي هن سخن کي" (سامي)، جنهن دنيا سان لاڳاپا توڙيا هجن، مست – بيپرواهه.

– **اُوڏُوٽي ج اُوڏُوٽي:** ذ. صفت. اُوڏوٽ – اُڏوتي.

• **اوڏِيلَ (ل):** صفت. ڏکاريل – لوڏيل، بي ٻها.

• **اوڏَ:** ٿ. [سن. آرَ] اوڏائي – ويجهائي – نزديڪي.

– **اوڏَ ڇڪ:** ٿ. پَسگردائي – ويجهي ڇڪ – آسپاس – قرب و جوار.

– **اوڏيارَ (ل):** ظرف. اوڏَڻائي، ۾ ـ ويجهڻائي، ۾ ٿوري وقت ۾، ويجهي، ڇڪ ۾.

• **اُوڏَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اُوڏَ(ث):** ٿ. ڏکيائي – اُهنجائي.

– **اُوڏ ڪرڻ:** ڏکيائي ڪرڻ – اُهنجائي ڪرڻ.

• **اوڏُ ج اوڏَ:** ذ. صفت. [سن. اوڏ < اُڏ = اُڏڻ] اوڏ قوم جو فرد (جي اڪثر مٽي، مان جاين جي پٽين ٺاهڻ جو ڪم ڪندا آهن) "لاکي لٽائي لک، اڄ پڻ اوڏن کي ڏٺا" (غوث محمد شاهد). (ث). اوڏڻ ج اوڏڻيون "اوڏڻ اوڏي آءِ، توکي لاکي ڪوڻيو" (خواجه محمد زمان).

اُڏڻ وارو (گهڻ) – اُڏيندڙ (جائيون)، مٽي، مان گهر ٺاهيندڙ، مٽي، جون اوساريون ڪندڙ، جاهل – بيوقوف – نادان – مُورک.

– **اوڏاٿو ج اوڏاٿا:** ذ. صفت. اوڏن وارو. بيوقوفي، جو.

– **اوڏِڪو ج اوڏِڪا:** ذ. صفت. اوڏ جو – اوڏ وارو.

– **اوڏِڪو گڏهه بنجڻ (ث):** سخت تڪليف ۾ ٻوڙ – سخت پورهئي ۾ ڦاهڻ.

• **اوڏارُ ج اوڏارَ (ڪ ک):** ذ. وڻ جي وڏيل پاڙ (جا زمين ۾ هجي) – لاهَ – مُنڊيو.

• **اوڏانهَنْ، اوڏانهُونْ:** ظرف. [او = هُو + ڏانهن = طرف] هُن طرف – هُن پاسي – اُتي – هُن هنڌ – هوڏانهن.

• **اوڏانهُونْ ج اوڏانهاڻ:** ظرف. ويجهو – اوڏو – قريب. (ث) اوڏانهين ج اوڏانهيون.

• **اوڏانهُون، اوڏانهُينْ:** ظرف. هن طرف – هوڏانهن.

• **اُوڏالو ج اُوڏالا (ث):** ذ. صفت. ٻاڻ ڏاوَن جي (اَت).

• **اوڏاهر:** ظرف. اوڏانهَن – هوڏانهن.

• **اوڏاهُونْ، اوڏاهينْ:** ظرف. اوڏهين – اَن طرف – هُن پار – هُن هنڌ.

• **اوڏرو ج اوڏرا:** ظرف. (اوڏو + ڙو) ٽورو ويجهو – قدري نزديڪ – اورهرو. (صفت) اوترو نديو – اوترو – ايڏڙو. (ث). اوڏڙي ج اوڏڙيون.

– **اوڏرائي:** ٿ. ويجهڻائي – نزديڪي – ويجهي ڇڪ. آسپاس – پسگردائي، ويجهي مائٽي – عزازت.

• **اوڏو ج اوڏا:** ظرف. [سن. اَرَ > آ + رَ = اوڏو] ويجهو – نزديڪ – قريب – اوري "اُپري چنڊ، پَسُ پرين، تو اوڏا مون ڏور" (شاهه). (صفت) اوترو – اُنهيءَ جيڏو. (ث) اَوڏي ج اوڏيُون.

– **اوڏائي ج اوڏايُونْ:** ٿ. ويجهائي – نزديڪي، ويجهي ڇڪ – پسگردائي – آسپاس، ويجهي، مائٽي – عزازت.

– **اوڏو ٿيڻ:** ويجهو ٿيڻ – قريب ٿيڻ – نزديڪ اچڻ، ڪنهن وڃڻ ۾ اچڻ – گهائل مائل ٿيڻ، اڳپرو ٿيڻ.

– **اوڏو وجهڻ:** ويجهو وڃڻ، نزديڪ وڃڻ، هٽ لاڻڻ (ڪنهن شيءِ کي)، ڪم آڻڻ – استعمال ڪرڻ.

– **اوڏي ڇڪ:** ٿ. ويجهڑائي – آسپاس – پسگردائي – قرب وجوار.

• **اوڏي (ت):** ظرف. اوڏانهن – هوڏانهن – اُن هنڌ – هُتي.

• **اوڏياڻو:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڏيرو:** ظرف. گهٽو اوڏو – گهٽو ويجهو.

• **اوڏهين:** ظرف. ان طرف. اتي. ان هنڌ. ڏسو "اوڏاهين".

• **اوڏيئو ج اوڏيئا (ٿ):** ذ. وڏو ڪارو.

• **اوداڙو (ت):** ذ. وڇوڙو – جُدائي.

• **اودَڙِ (اودُڙ):** ٿ. [سن. اَدْر - ڦاڙڻ. ادِيڙڻ] تاڪن جي اُڪلڻ يا ڪلي پوڻ جي حالت.

– **اودڙو (اودُڙو):** ذ. اُدڙيل ڪپڙو (ت).

• **اودلاءُ ج اودِلائُ (ل):** ذ. اوپالو – ڏوراپو.

• **اودو (اودُڙو) ج اودا (اودُڙا):** ذ. اُدو – خوف – ڊپ – خطرو. انديشو – خدشو. انتظار – اوسيڙو. ڳڻتي – خيال – فڪر – اونو.

• **اودِيڙ (اودُڙيو):** ذ. پيٽ واريءَ زال جا اوڪارا – اُديڙ – اُديهڙ.

• **اوڏ:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڙ:** ٿ. مصدر "اوڙڻ" مان اسر. اوڙڻ جو ڪپڙو – اوڇڻ. جهلڻ – پناهه. پوشاڪ – سروپا. پوتي – اوڙڻي (ٿ). سمهڻ وقت مٿان وڇهڻ لاءِ رلي. سوڙ. وغيره (ل). هنڌن جو ڍڪ (لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ عموماً ڪت يا منجهن تي رليون. پٽراٽيون ۽ سوڙون وغيره چوٽيو ويڙهي هڪ ٻئي مٿان ڍڪ ڪندا آهن ۽ مٿان هڪڙي رلي وڇهي سڄي هنڌ کي ڍڪي ڇڏيندا آهن).

• **اوڙا:** اسر خاص. ڳڙهي ياسين ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اوڙاڙڻُ (ل):** مصدر. جند جي تانئر مان آنو ڪڍڻ.

• **اوڙاڪا (ٿ):** ذ. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوڙاڻو:** اسر خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڙاڻي ج اوڙاڻيُون:** ٿ. مانيءَ تي ڏنل ڪپڙو. تحفي طور پهرايل ڪپڙو. ڪپڙن پهرائڻ جو اُجورو – پهراڻي. سوغات (ت).

• **اوڙڙ ج اوڙَرَ:** ذ. [سن. اَوْرْڻ < وْر، اَوْر = ڍڪڻ. پردو ڏيڻ] پردو – ڍڪ – پوش. اوٽ – اولو (ت). جهل – پناهه. مَنَهنْ – ڇپر. ڪنهن جاءِ يا وَڻ جي اوٽ (ڪ). گبرو (ڪ) "تون اوڙ، تون اوڏڪو، تون اجهو. تون آڳ" (شاهه). [سن. ووِر < وَهْ - هلڻ] اڳواڻ – پيشوا. راجا. گهوٽ.

• **اوڙڪي:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڙڪو:** ذ. [سن. اَوْر < اَوْرْڻ - ڍڪڻ] ڍڪ – پناهه. پاڇو – چانوڙ. پوشاڪ (ت).

• **اوڙلو ج اوڙلا (ل):** ذ. [سن. اَوْر < اَوْرْڻ] اولو – پناهه.

• **اوڙڻ (ل):** مصدر. [سن. اوْر < اَوْرْڻ = ڍڪڻ. 2. اُپوشْت = ڍڪڻ. ڪپڙا پهرڻ] پائڻ – ڍڪڻ – پهرڻ (ڪپڙو) وڇهڻ (انگ تي ڪپڙو) هنڌ هڪٻئي مٿان سَٽي رکڻ (ڪ).

– **اوڙ:** ٿ. مصدر. "اوڙڻ" مان اسر. ڍڪ. پوشاڪ. ڪپڙو. هنڌن جو ڍڳ.

– **اوڙائڻ:** مصدر. "اوڙڻ" مان متعدي بالواسطه. ڍڪائڻ – پهرائڻ (ڪپڙا).

– **اوڙجڻ:** مصدر. "اوڙڻ" مان فعل مجهول. ڍڪجڻ – پهرجڻ (ڪپڙا).

– **اوڙڻ ج اوڙڻَ (ٿ):** ذ. مٽي کي ڍڪڻ جو ڪپڙو – اوڙٽي.

– **اوڙٽي ج اوڙٽيُون (ل، ٿ):** ٿ. پوتي – رَٽو. ڇني. شادي، وقت ڪنوار جي ڍڪڻ جي چادر.

• **اوڙيجا:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اُوڙ ج اُوڙ:** ز. صفت. (اَ + وَڙ) جنهن ۾ ورووڪڙ نه هجي – وڪڙ ڪان سواءِ. سنسڻون سڌو. (ذ) موج – مَزو. اَڏَوڏائي.

– **اُوڙ ڪُرڻ:** موجون ماڻڻ. وڏائي ڪرڻ. آڪڙجي هلڻ.

• **اوڙ (ل):** ٿ. جُوئر يا باجهريءَ جو لاباري بعد ٻيو اوڙ. پوک جي ٻي موڙ.

• **اوڙ:** ٿ. [سن. اَدْ. اَرْكَ = اوڙڪ. حد] اصل – منڊ. حَد – پجاڻي. طرف – پاسو – ڏِس.

– **اورنباهن:** آخر تائين وفادار رهڻ. توڙ تائين رکيا ڪرڻ.

• **اوڙ ج اوڙُون:** ٿ. [سن. جَرائي. اَمَلا] اُهو پَردو ۽ گوشت وغيره جو ويڙهه ڪان پوءِ مادي، (عورت يا چوپائي) جي پيٽ مان نڪري – جَر.

– **اُور پُوريل هُجڻ:** هَر هَر اڇڻ – گهمرا ڪرڻ. ڪنهن جاءِ تي دل ڪائل هجڻ.

• **اُور:** صفت. [ه] وڌيڪ – ٻيو. علاوه – نرالو – نئون. (حرف جملي) ۽ – پڻ.

• **اُوڙ:** صفت. رواجيءَ ڪان وڌيڪ. جنهن جو مَٽ نه هجي "اوڙ ڏڪندو آ ٿئي. هادي جنهن حبيب" (شاهه).

• **اُوڙ:** ٿ. [سن. ١. اَرْ = هلڻ. ڊوڙڻ. اَڏامڻ. ٢. اُرْس = طاقت. زور. شڪتي. ٻڏي] هلان ـ ڪاهه – حملو – جُلهه – چڙهائي. غلبو. هُوڙهيائي. زور – زبردستي "سپ لڏايا سُومري، عمر ڪري اُور" (شاهه).

• **اُوڙ، اُوڙ:** ٿ. [سن. اَرْ = هلڻ. ڊوڙڻ. اڏامڻ] پکين جو اڏامندڙ ولر. قطار – ٻيڙ. تولو پکين جو] "اڏائا اُور ڪري. ڪارين پکين ڪانَ" (شاهه).

– اُورکڻ: قطار ڪري آڏڻ.

• اور: ٿ. اڇل – پلٽ "مال مالڪين موتيين توتي عقل ڪندو نور" (شاه عنايت).

• اوراتو ج اوراتا: ذ. [سن. أرودَن] رودن – روج – راڙو – ماتم "اوراتو ٽيندن جڏهين سينگاريا سُپرين" (شاهه). غم – ڏک. آفت – مصيبت.

• اوراڻ، اوراڻڻ: مصدر. [سن. أوْر، اَوَرْ = ڍڪڻ، لڪائڻ، پرڻ، بند ڪرڻ، جوڙاري ويڙهڻ، گهيرو ڪرڻ] اڳيان ڦري اچڻ. اڳيان آڏ ٿي بيهڻ. ڍڪڻ – پورڻ – پرڻ (متيءَ سان). پردو ڇاڙهڻ. بند ڪرڻ (اکيون لٽ سان). "اکيون لَٽ اوراٽيون، ڪه پر ڪڙيان پير" (شاهه). گهٽڻ – اُرهاڻڻ. (اوراٽيو – اوراٽيندو – اوراٽيل).

– اوراڻ: ٿ. هيانءَ جي دوري ڪري غشي – بيهوشي – ڍڪ.

– اوراڻجڻ: مصدر "اوراڻڻ" مان فعل مجهول دم گهٽجي وڃڻ – بيهوش ٿيڻ. هٿڻين جو وٽجڻ.

• اوراپو ج اوراپا (ٿ): ذ. ڏورانپو. عتاب – طعنو.

• اوراجي، اوراڇي، اوراجو: ذ. روج – راڙو – ماتم. اوراتو "پهرين نه پوڪين. پوءِ اوراجو اَن ڪي".

• اوراڙ اوراڙ: ٿ. [سن. أوار] درياهه جي اورين پَر. اوريون پاسو يا طرف "اورار نه پار. هيڏو حيرت ۾ ٻيو" (شاهه). (ظرف) هِن ڪنڊيءَ ۽ هِن پَر. هِن طرف – هِن پاسي.

– اورارُ، اورارُ: ظرف. اورينءَ پَر ڪان – هِن ڪنڊيءَ ڪان "اورارُان آهون ڪريان، پهچان شال پرار" (شاهه).

– اورار پَران اورارِ پَرارُ: ظرف. درياهه جا ٻئي ڪَپ. هن پَر ۽ هُن پَر.

• اورازو: ذ. اوراتو – اوراجو "هي تان هوند مرن، هُن آگَڻَ اورازو ٿئي" (شاهه).

• اوراسو: ذ. ڏ ڪ. ڏسو "اوراتو".

• اُوراقَ: ذ. [ع. وَرَقَ ج اوراق] وَرق – پنا (ڪتاب وغيره جا).

• اوراڪ ج اوراڪُونُ (ٿ): ٿ. ڪائيءَ جو ٽُڪر (جو پوڻ ۾ وڃهيو آهي).

• اورا ڪورا: ٿ. هورا ڪورا ـ هُرڪُر – آنڊ ماڊ. ڳٽتي – جنتا.

• اورانپو ج اورانپا: ذ. [سن. اَلَمْپ] آڌار – ٽيڪ – جهلو. پناهه – آڌهو. قرب – پيار – پريت سڪ. ڪورانپو.

• اورانگهڻ: مصدر. [اَلَنْگهَن < اَدْ = مٿي + لَنْگهَ = لنگهڻ] مٿان لنگهي وڃڻ. ٽپي وڃڻ. نه ڀڄڻ (حڪم). "ڪندين ڪوهه ڪيتان، جهڙ سي اَن اورانگهيا" (شاهه). (اورانگهيو – اورانگهيندو. اورانگهيل).

– اورانگهَ ج اورانگهُونُ: ٿ. مصدر "اورانگهڻ" مان اسم. ورانگهه – برهانگ.

• اوراٽو ج اوراٽا: ذ. [سن. أوَ = مٿي + لَلْ = ڪيڏائڻ. ڪوڏائڻ] اولاٽو – لولي. پار ڪي ننڊ ڪرائڻ وقت پرياڻڻ جي ٻولي. ماڻا ۽ ورتل پار اڳيان "ديوي ماتا" جي تعريف ۽ گهائڻ جو گيت. گهٽتي – پوءِ – اُليل (ت).

• اوراهون، اوراڻون: ظرف. اور پرو – اوڏرو – اورتي "آءٌ اوراهون سپرين. وڃ ۽ پراهون" (شاهه).

• اوراڻڻ: مصدر. [سن. آ + سمرڻ] مَٽي ماٺهوءَ جي يادگيري ڏياري رُوڻ. (اوراڻيو – اوراڻيندو – اوراڻيل).

• اُورِيو: ذ. [وانڪي] قرب – محبت.

• اورَپ ج اورَهُنْ (ل): ٿ. ننڍي رڍ(جا اڃا ويائي نه هجي) – وڏي گهيٽي

• اورَهِرو: ظرف. ٻورو اورتي – ٽورو ويجهو.

• اور پور (ڪ): ٿ. اَڄ وَڄ. زلزلو.

• اورِت (ڪ): ظرف. اورتي – ويجهو – اوريان.

• اورتاهون، اورتڻون: ظرف. اورپرو – ويجهڙو – اوڏرو.

• اورَ تو ج اُورِتا (ل): ذ. صفت. [سن. اَوَ = پري. هيٺ + اَرْتَ = مطلب] اَجايو – بيفائدو (ڪم) – رائيگان.

• اورٿو ج اورنا (ٿ): ذ. ڪهوڙي جي اڳيان گاهه رکڻ جي جاءِ.

• اُرَج (ٿ): ٿ. حياءَ – لَڄ – شرم.

• اُورجا ج اُورجاڻُونْ: ٿ. جُمارَ – عُمر.

• اُورَجُ ج اُورَجَ: ذ. صفت. [اَ = نه + ورجڻ > ورج] جو ورجي يا ٻيزار نه ٿئي – اَٽڪَ – محنتي. ڪَڪ نه ٽيندڙ (ڪم ماڻ). لاڳيتي ڪوشش ڪندڙ.

– اُورجائي: ٿ. ورجڻ يا ڪَڪ نه ٽيڻ جي حالت. ٻيزار نه ٿيڻ جي حالت. لڳاتار ڪوشش. اٽڪ محنت.

• اورَڙ (ل): ٿ. [سن. اَرْ = هلڻ] تڪي ڏوڙ – زومرَ (جانور جو. حملي لاءِ). يلغار. حملو.

• اورڙو ج اورڙا (ٿ): ذ. ڪڪائين لاڏي – جُونرو. اُها جاءِ جنهن جي چت ٽرين واري هجي.

• اُورڙي: ٿ. سيمارين جو قسم (جنهن ۾ ٻُٽ تي سنهان داڻا ٽڪرندا آهن) – ننڍي ماڻا – اُرڙي.

• اورسو (ٿ): ذ. اُٺ جي ٻوٽ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪنڊ تي مهار اُڇلڻ جو فعل (انهيءَ طريقي سان اُٺ جي ڪنڊ کي هيٺ ڪري مهار ناکيليءَ ۾ وجهندا آهن).

– اورسو اُڇلاڻ: اُٺ کي ناکيليءَ ۾ مهار وجهڻ لاءِ مهار اُٺ جي ڪنڊ تي اُڇلڻ. واڇهه وجهڻ.

• اُورَڪَ ج اُورَڪُونَ (ل): ٿ. وڏو مينهن – گهاٽو مينهن – سخت

برسات – اوريڪ.

• **اورڪڻ**: مصدر. [پرا. اَوَ لَڪَّ: سن. اَبلَكْشَنْ] ـ سَڃاڻڻ – جاڻي ڏسڻ آکين سوڀي اورکيو. جو ڪنهين سُئومَ. ڪَرَنُ" (شاهه). (اورکيو – اورکيندو – اورکيل). اوڙکڻ. اورڳڻ.

– **اورڪ**: ث. سڃاڻپ – واقفيت – پڇاڻ.

– **اورڪاءُ (ث)**: ٿ. سڃاڻپ – جاڻ – واقفيت.

– **اورڪائڻ**: مصدر. "اورڪڻ" مان متعدي بالواسطه. سڃاڻپ ڪرائڻ.

– **اورڪيڻ**: مصدر. "اورڪڻ مان فعل مجهول سڃاڻجڻ.

– **اورڪيو ۾ اورڪئو (ث)**: ذ. صفت. ڪنهن ماڻهوءَ جي پٺتي ڪيڏ لاءِ اَن جي پنيان لڳي پوندڙ. جاسوسيءَ جي ارادي سان گهمندڙ.

• **اورڳ** ۾ **اوڙڳ**: ذ. رهاڻ. وندر لاءِ ڳالهه ٻولهه. بيار – دل جو قرب. پيوند – سنڌ. مشغوليءَ. گذارو "آرياڻي اورڳ. پنهورن ٻهر ٿي" (شاهه).

• **اورڳڻ (ل)**: مصدر. [سن. اَوَلوكْ = ڏسڻ. نهارڻ: پرا. اَوَلُكَ] اورڪڻ. اوڙڪڻ. سَڃاڻڻ – جاڻي ڏسڻ. ڳولڻ. اورانگهڻ "ڪاڪ وٽن سان. اولين گهٽو اورڳي" (شاهه ڪريم). (اورگيو – اورگيندو – اورگيل).

• **اورگهوري اوري گهوري**: ظرف. قربان – صدقي – گهوري.

• **اوَرَل**: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۽ هڪ ديهه جو نالو. [انگ oral] زباني (امتحان).

• **اُورَلُ**: ذ. صفت. جنهن جي وچ ۾ وٽي نه هجي. گهاٽو – ڳٽيل. مُسَلْسَل. لاڳيتو.

• **اورمو ۾ اورما**: ذ. [هـ. اورما: سن. اُرْمي] بخيي جو هڪ قسم. مولهه وراڻڻ. اوٽي – ٻهي. ڪيڙي جي وٽ تي سيئو – اولمو.

• **اُورَن**: ث. [سن. اُوْنَ = اوڻو. گهٽ] اڻائي – گهٽتائي – ڪمي. (صفت) گهٽ – اوڻي. خالي.

• **اُورَنگَ ۾ اورَنگ**: ذ. [ف] تخت – گادي. بادشاهي.

• **اورنگزيبَ**: اسم خاص. (تخت جي زينت) مُغل گهراڻي جو ڇهون مشهور بادشاه محي الدين عالمگير (وفات ۱۷۰۷ ع).

• **اورنگزيبي. اورنگشاهي**: ذ. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **اورنگ آباد**: اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۾ جيڪب آباد تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اورنگابَنْدَرَ**: اسم خاص. ڪڪراڻي برڳتي (شاه بندر سب ڊويزن) جو هڪ آڳاٽو مشهور بندر (جتي گهٽائي اهل اللّٰه دفنيل آهن. تحفة الڪرام).

• **اورنگي**: ث. راڳ (موسيقي) جي تيويهن آوازن مان هڪ آواز.

• **اورنگهه**: ث. [سن. اَوَ + لَنْگهـ] هرهانگ – وک – ورانگهه.

• **اورَنْگهَ ۾ اورَنْگهَ (ت)**: ذ. آڇ وڇ جي جاءِ. لنگهڻ جو هنڌ. لنگهه.

• **اوڙڪ (ت)**: ث. صفت. جنهن سان حال اُور جي – حال محرم – همدرد. بياري. (اسم خاص) عورت جو نالو.

• **اوڙڪ**: مصدر. [سن. آوَرْنَ = وري وري چوڻ يا ڪرڻ. ابياس. مشق] ڏک سُک جو احوال ڏيڻ – سَوَر بيان ڪرڻ. دل جو حال ڏيڻ ڳجهي ڳالهه ڪرڻ. حال بيان ڪرڻ. حال وندڻ. ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ جانور وغيره وهڻ (ت). جيجڙي ۾ ڪمند وجهڻ (ل). (اوريو – اوريندو – اوريل).

– **اوڙ**: ٿ. مصدر. "اوڙڪ" مان اسم. بيان – ڏک سُور جو احوال. حال احوال ٻڌائڻ جي حالت. وندر – گفتگو. جيجڙي ۾ ڪمند وجهڻ جي حالت (ل).

– **اوڙ اوڙڪ**: ڏُک وندڻ – دل جا احوال ۽ درد ٻڌائڻ. مخفي راز کان واقف ڪرڻ.

– **اوڙون اوڙڪ**: ڏک سک جو احوال ڏيڻ – دل جون ڳالهيون ٻڌائڻ.

– **اوڙ ۾ اُورا (ل)**: ذ. صفت. جيجڙي ۾ ڪماند وجهندڙ.

• **اوڙڪ**: مصدر. تانگهائڻ – سيڪڻ.

• **اوڙو**: ذ. [سن. اُوْرْ = ڏيڪڻ] پردو ڏيڪ "ڏيئي ويندو پاڻ ڪي. او د يا جو اوڙو" (سامي).

• **اُوڙو ۾ اُورا (ل)**: ذ. صفت. خراب طبيعت وارو – اُدنگو – اهند.

– **اوڙو پاسو (ل)**: ذ. ٻوريائيءَ جو نه ڏُهن وارو پاسو.

• **اوڙواڙ**: ظرف. [سن. اَوارَ] اورين پر – هن طرف – اوراڙ.

• **اوڙهَ ۾ اوڙهَ (ت)**: ذ. اَڙهَ. سينو (عورت جو).

• **اوڙهاڻ (ت)**: مصدر. پاڪڙن ۾ چيپائڻ (اوڙهائيو – اوڙهائيندو – اوڙهاتيل).

• **اوڙهاڙ ۾ اوڙهاڙا (ل)**: ذ. ڪجو جاڙل ڦر.

• **اوڙهڪ ۾ اوڙهٽ**: ذ. پيڙ – سوڙهه. تڪليف – ايذاءَ.

• **اوڙهون**: ظرف. اوراهون.

• **اوري. اوريان**: ظرف. [سن. اَوَرَ] هن پاسي. اورتي – ويجهو – نزديڪ – قريب "پري. پريان" جو ضد.

– **اوري پري ٽيڻ**: هيڏانهن هوڏانهن ٽيڻ گهلجڻ. ڏڪا ڏوما ڪائڻ. اندر باهر ٽيڻ. هلاڪ ٽيڻ. آتو ٽيڻ.

– **اوريون ۾ اوريان**: ظرف. هن طرف وارو. اوڏو – ويجهو. "پريون" جو ضد. (ث) اورينْ ۾ اوريُونْ.

• **اوري**: صفت. [هـ] ياسخاطري ڪندڙ – رياڪار. رڪيا ڪندڙ. (ث) ڇڇهري.

• **اوري ۾ اوريُونْ**: ث. [سن. اَ + وَلَ] آوٽي – ڏکيائي – مشڪلات –

تڪليف، مصيبت – شامت، بدبختي – نپاڳ، چيهر – نقصان – ٽوٽو، ڏنڊ.

• **اُوري (ک، ٹ، ڪ)**: ٽ. اُرڙي – نندي ماڻا.

• **اوريڪ ج اوريڪون**: ٽ. سخت برسات – وڏو مينهن، برسات جو هوا سان گڏ سخت وسڪارو، طوفان سان گڏ مينهن، چو هو (بارش جو)، مينهن ۽ پاڻيءَ جي ٻوڏ، اَڻڪ طوفان، انتها – حد (ت)، مصيبت – آفت.

– **اوريڪ ڪرڻ (ت)**: ڏاڍي تڪليف ڏيڻ.

– **اوريڪ ۾ پوڻ (ت)**: مصيبت ۾ پوڻ، ڪهن ڏکئي معاملي ۾ ڦاسڻ.

• **اوريون ٽسڻ**: ذ. "مهراڻي ڪان وٺي اڄتي مهڙ وارو ٽر (جنهن ۾ ڪيماڻ، ميلڙين، ويرا واڻ، لوٽيو ۽ ٻيا نديڙا واهڙ اچي وجن ٿا) "اوريون ٽر اوري، تينهان پريون پار ڪر" (شاه عنات).

• **اوڙ، اوڙ ج اوڙون، اوڙيون**: ٽ. هر جي چوٽي، جو ليڪو – چوٽيءَ سان ڪيڙيل زمين جو هڪ سنڈو، هر جو نشان "هاڻائج هنڌين ۾، الف سندي اوڙ" (شاه). اڪر (لس).

– **اوڙ ڇڏڻ (ت)**: بيجا ڳالهائڻ، نامناسبت روش وٺڻ.

• **اوڙ (لس)**: ٽ. اڪرن جي سيٽ "اوڙ نہ جاڻان ايڪ ڪا، نڪو باب برحال" (صفت منگتي).

• **اُوڙ (ت)**: ٽ. اوت – پروسو – آڌار.

• **اُوڙ، اُوڙ**: ٽ. [سن. آولي] قطار – تولو (پڪين جو) – اوڙ.

• **اوڙاڻ (ٹ)**: ٽ. پاسي ۾ ڪرڻ جي حالت.

– **اوڙاپو ج اوڙا**: ذ. ڏوراپو، مهڻو – طعنو، اتڪل – چالاڪي (ت).

• **اوڙاپو ڏوراپو**: ذ. طعنو ٽُڪو – مهڻو طعنو.

• **اوڙاڪ (ٹ)**: ٽ. ٻوڙ جي وڃين ڪاڻي.

• **اوڙاهُ ج اوڙاهَ**: ذ. [سن. اَرْ، اَدَ = اونهو سمند] اونهو پاڻي – پاڻيءَ جي اونهائي "منجهه تنهين هوء، اونهي ۾ اوڙاهُ جو" (شاه ڪريم). درياءَ جو ڪُنڊ وارو هنڌ. درياءَ جو اونهو ترو. ڪُن. اونهي ڪنڊ.

• **اوڙڪ، اُوڙڪ ج اوڙڪون، اُوڙڪون**: ٽ. پُري – نڪ. پاڙو – قبيلو. آکه – ڪٽنب مائٽي – عزيز. ت. سخت برسات – اوريڪ – گهاتو مينهن. آڙ – جهلو – اجهو (ک).

• **اوڙڪ**: ظرف. [اَدْرَكَ] پڇاڙيءَ تائين – تورُ سُوڏو "اوڙڪ اهائي، ڳولي لهن ڳالهڙي". "اوڙڪ اَنين جو نہ رهي، آربنا ارواح" (شاه).

• **اوڙڪ**: ذ. [سن. اَدْرَكَ] پڇاڙي – تورُ – نڏاڻ، ڇيهه – دنگ – انت، پڇاڙي – خاتمو، عاقبت، درياءَ جو ڪنارو (ت). (صفت) ڳڇهُو – اونهون.

– **اوڙڪ دس**: ٽ. پرانهين جُوءِ ۽ ڏورانهون هنڌ.

– **اوڙڪ زمين**: ٽ. ڏرتيءَ جي آخري حد، زمين جو ترو.

– **اوڙڪ ڪرڻ (ت)**: نڏاڻ ڪرڻ – دنگ ڪرڻ، سخت تڪليف ڏيڻ، ظلم ڪرڻ.

• **اوڙڪڻ (ت)**: مصدر. ورت (رسي) جو ٻوڙ تان لهڻ.

• **اوڙڪه**: ٽ. ڳولا – جستجو – تلاش "جني اوڙڪه الله جي ٽئاسي اتر" (لطف الله قادري).

• **اوڙاڪاڻ، اوڙاڪائي (ٹ، ل)**: ٽ. سُجاڻپ – واقفيت، ملاقات.

• **اوڙاڪڻ**: مصدر. [سن. اَبِلَكْشَنْ] سَجاڻڻ، پروڙڻ، معلوم ڪرڻ، جاچي ڏسڻ، اندازو ڪرڻ. (اوڙاڪيو – اوڙاڪندو – اوڙاڪيل).

– **اوڙاڪيتو (ٹ)**: ذ. صفت، سُجاڻو – واقف.

• **اوڙاگ**: ٽ. سخت برسات – اوڙڪ – اوريڪ.

• **اوڙاڻ، اُوڙاڻ (ت)**: مصدر. آڻڻ – وٺڻ – پَسند پوڻ. (اَوڙيو – اَوڙيندو – اَوڙيل).

• **اوڙاو**: ذ. [سن. اَوْرَ] سنياڻ – چيٽ – خبرداري.

– **اوڙاو ڪرڻ**: چيتي هلڻ – خبرداريءَ سان هلڻ، سنياڻ سان پير کڻڻ.

• **اوڙاو ج اوڙا**: ذ. [سن. اُپنود] ڪپڙي مان ٺهيل ڪڏ يا مَٽ پڪي (ڪاڻ) جو پوک مان پڪين کي پڇاڙڻ لاءِ تنگيل ڪپڙو (ت). اتڪل – چالاڪي (ت). [سن. آوْرَ] جاڻڻ ـ ٻُڌڻ، سَرڊرو، درجي چوڪنڊ لوڙهو، سرحد – دنگ، ڪٽڪ يا سارين جي ٽڙي (ت). متر، ڪٽڪ، وغيره جي ڏل جو ڍڳ (ت).

– **اوڙاو ڏاهڻ**: اتڪل ڪرڻ – چالاڪي ڪرڻ، زماني جي هلت موجب هلڻ، ڏوڪو ڏيڻ.

• **اوڙاو ج اوڙا (ل)**: اٽ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ تنگن ۽ ڪوڙي جي وچ ۾ ڳوڙهو ٿيندو آهي).

• **اوڙاي ج اوڙايون (ل)**: ٽ. اٽ جي ڪوڙي ۾ نڪتل ڳوڙهو (بيماري).

• **اوڙاو پاڙو**: ذ. [اوڙو < اوڏو + سن. پريتوش = پاڙو] آسپاس وارا گهر، پسگردائي – آسپاس – ويجهي چڪ.

– **اوڙاو پاڙو اُجهائي ڏيڻ**: پاڙيسرين کي بيزار ڪرڻ، آسپاس ۾ آزار مچائڻ.

– **اوڙي پاڙي جو ننگ رکڻ**: پاڙي پتيءَ وارن جو حياءَ ڪرڻ، پاڙيسرين جي لڄ رکڻ.

• **اوڙهاڻ (ل)**: ذ. نندڙي ڪُنڊي (وڻ).

• **اوڙي**: ٽ. صفت، ڪوڙي – بي ڏڙي "اوڙي، نہ اَن سين، سنئين نہ سين" (شاه).

– **اَهْلِ اِدْراک:** ذ. ادراڪ جا صاحب. سمجهو – سياڻا.

– **اَهلِ اِخْتِيار:** ذ. اختيار وارا.

– **اَهلِ اَرْض:** ذ. زمين جا رهواسي.

– **اَهْلُ اسلام:** ذ. اسلام وارا – مُسلمان.

– **اَهْلُ اللّٰه:** ذ. خدا وارو ـ "الله وارو. عابد – ديندار. زاهد. بزرگ "شڪر آ ٻجاءِ، آهيين اهلِ الله سين" (شاهه).

– **اَهْلِ ايمان:** ذ. ايمان وارا – مومن.
– **اَهْلِ باطن:** ذ. باطن جا صاحب. اندر جا اسرار جاڻندڙ. قران شريف جي آيتن جي اندروني معنيٰ ڪيندڙ.
– **اَهْلِ بهشْت:** ذ. (ع. اَهل + ف. بهشت) بهشت جا ماڻهو – بهشتي.
– **اَهلِ بَيْت:** ذ. گهر جا پاڻي. حضور پاڪ جن جي خاندان جا ماڻهو. سادات. سيّد.
• **اهلِ تشيع:** ذ. مسلمانن جو اهو فرقو جيڪو حضرت علي (ع) کان پوءِ بارهن امامن کي پنهنجو ۽ امام ڪري مڃي ٿو. (حضرت علي (ع)، کان حضرت امام مهديءَ (ع) تائين) ۽ فقہ جعفريہ جو پيروڪار آهي.
– **اَهْلِ تصَوّف:** ذ. صوفي طريقي جا پيرو – صوفي.
– **اَهْلِ جماعَت:** ذ. هڪ مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهندڙ. هڪ جماعت يا قوم جا ماڻهو.
– **اَهْلِ جَنّت:** ذ. جَنّتي – بهشتي.
– **اَهْلِ جهنّم:** ذ. دوزخي.
– **اَهْلِ حَديث:** ذ. حديث تي هلندڙ. مسلمانن جو اُهو فرقو جو حديث کي قرآن شريف سان لازم سمجهي ٿو.
– **اَهْلِ حَرم:** ذ. حرم سراءِ جا ماڻهو – مستورات.
– **اَهْلِ حِكْمَت:** ذ. حڪيم. فيلسوف – ڏاهو.
– **اَهْلِ خانہ:** ذ. (ع. اَهل – ف. خانه) گهر واريا. گهر ڌياڻي.
– **اَهْلِ خِرَدْ:** ذ. (ع. اهل + ف. خرد) خردمند – دانشمند – ڏاهو.
– **اَهْلِ دِل:** ذ. (ع. اَهل + ف. دل) دل وارا. صاف دل وارا – خدا وارا. سخي.
– **اَهْلِ دُنيا:** ذ. دنيا وارا. دولتمند.
– **اَهْلِ دولت:** ذ. حڪومت جا ماڻهو يا ڪارپرداز. دولت وارا – شاهوڪار.
– **اَهْلِ دين:** ذ. دين وارا – دیندار – نيڪ.
– **اَهْلِ ذَوْق:** ذ. ذوق جا صاحب.
– **اَهْلِ روزگار:** ذ. (ع. اَهل – ف. روزگار) زماني جا ماڻهو – تجربيڪار.
– **اَهْلِ زَبان:** ذ. (ع. اَهل + ف. زبان) بوليءَ جا ماهر – زبان دان.
– **اَهْلِ زَمان:** ذ. زماني وارا. زماني سان جهاندیدا.
– **اَهْلِ زَمين:** ذ. (ع. اَهل + ف. زمين) زمين جا رهاڪو. مخلوقات.
• **اهلِ سيجن:** ذ. قيد جا ماڻهو. قيدي.
• **اهلِ سنت:** ذ. مسلمانن جو هڪ فرقو جيڪو چئن خليفن ۽ فقہ جي چئن سلسلن (حنفي، شافعي، مالڪي، حنبلي) جو پيرو آهي – سني.
– **اَهْلِ سُخَن:** ذ. (ع. اهل + ف. سخن) سخن جا جاڻو – شاعر.
– **اَهْلِ سنَدْ:** ذ. سندَ وارا. سندَ جا رهاڪو.
– **اَهْلِ شَرْع:** ذ. شرع جا صاحب – قانون دان.
– **اَهْلِ شريعَت:** ذ. شريعت جا پيروڪار. شريعت وارا – شريعت جا صاحب.
– **اَهْلِ صَنْعَتْ:** ذ. هنر وارا – ڪاريگر – فن جا صاحب.
– **اَهْلِ طريقت:** ذ. طريقت جا صاحب. صوفي طريقي وارا.
– **اَهْلِ ظاهر:** ذ. ظاهر تي هلندڙ. اکري معنيٰ کي ڇهندڙ. ماده پرست.
– **اَهْلِ علْم:** ذ. علم وارا – عالم – وديادان.
– **اَهْلِ غَرَض:** ذ. خود غرض ماڻهو – خود مطلبي.
• **اهلِ غرض:** صفت. ضرورتمند – گهرجائو. محتاج.
– **اَهْلِ فَن:** ذ. فن "وارا – فن" جا صاحب.
– **اَهْلِ قَبُور:** ذ. قبرن وارا – مُئل.
• **اهلِ قرآن:** ذ. مسلمانن جو هڪ فرقو جيڪو فقط قرآن شريف تي عمل ڪري ۽ حديثن ۽ فقہ جو قائل نہ آهي.
– **اَهْلِ قَلَم:** ذ. قلم وارا. لکندڙ – انشاپرداز – اديب. مُصَنّف – مُنشي – مُحَرّر.
– **اَهْلِكار:** ذ. (ع. اَهل + ف. ڪار) ڪم وارا. ڪاروبار هلائيندڙ. ڏنڊي وارا. ڪم ڪار جا لائق.
– **اَهْلِ كتاب:** ذ. الاهي ڪتابن کي مڃيندڙ غير مسلمان (عيسائي، يهودي).
– **اَهْلِ كَرَم:** ذ. ڪرم جا صاحب. رحم وارا. سخي.
– **اَهْلِ كَلام:** ذ. ڪلام جا صاحب. فصيح ۽ بليغ ماڻهو.
– **اَهْلِ كَمال:** ذ. ڪماليت جا صاحب. ڪامل – پُهتل.
– **اَهْلِ مَجْلِس:** ذ. مجلس وارا. مجلس ۾ شريڪ ماڻهو.
– **اَهْلِ مَعْرِفَت:** ذ. علم معرفت جا صاحب. خدا شناس – آتم گياني.
– **اَهْلِ مَنْصَب:** ذ. وزير مشير. عهديدار.
– **اَهْلِ نَظَر:** ذ. ڏسندڙ. نقاد – مُتَڪلمين – فيلسوف. دوراندیش. عاشق مزاج.
– **اَهْلِ و عيال:** ذ. زال ۽ بار – بار ٻچا.
– **اَهْلِ هُنَر:** ذ. (ع. اَهل + ف. هُنَر) هُنرمند – هُنر جا صاحب.
– **اَهليَتْ:** ث. [ع] قابليّت – لياقت. لائقي.
– **اَهْلِيَہ:** ث. [ع] گهر واري – زال.
– **اَهْلَڻ:** مصدر. [سن. اَوَرْج = لازو ڪرڻ، نمڻ] هڪ پاسي لازو ڪرڻ. الار ٽيڻ (گاڏي). اوهر ڪرڻ (بار). ليڻ. آرام لاءِ ٽيڪ ڏيڻ. سَمهڻ. لَوَڻ – جهُڪڻ. مائل ٽيڻ. (اَهليو – اَهلندو – اَهليل).
– **اَهْلَ ج اَهْلُون:** ث. ليڪ. لازو. اوڻ. ٽيڪ. خوشامد (ت). تور ۽ واڌ – اَتل.
– **اَهْلَجَنْ:** مصدر "اَهلڻ" مان فعل مجهول. ليڙجڻ.

– **اَهل ڏيڻ رکڻ:** چور يا پاتاريدار جو چوريءَ ٽيل مال بابت ڪنهن طرف شڪ ڏيڪارڻ يا اشارو ڪرڻ.

• **اهلائيڻ:** مصدر. 'اهلڻ' مان فعل متعدي. ڏيکائڻ – لوڏڻ. ٽيڪ ڏيارڻ. (اهلايو – اهلائيندو – اهلايل).

• **اهلي ويلو:** ذ. گهرو ويلو.

• **اَهَمُ:** ذ. [سن. اَهِتَمُ = نقصان] هرج – نقصان – چيهو. عيب – گهٽتائي – سُقم.

• **اَهمّ:** صفت. [ع. "هامّ" جو تفضيل] وڌيڪ اهميّت وارو. بلڪل ضروري. خاص. گهرو – پاري. مشڪل (ڪم).

– **اَهمّيّت:** ث. ضرورت. خصوصيت. قدر.

• **اِهمال:** ذ. [ع] غفلت – سُستي. تاخير – دير. بيپرواهي. ڏتو – گشو – ڏمر.

• **اَهمائڻ:** مصدر "اهمڻ" مان متعدي بالواسطه. ٽڪر جي ڪوري ٽاڻ، ڪي پهريون دفعو پاڻيءَ سان ڏوڻي صاف ڪرڻ.

– **اَهمايل:** ذ. صفت. ٽِڪر جو ڪورو ٽاڻ، اَماهيل. واپرايل. ڪتب آندل (ٽاڻ،).

• **اَهڻ:** مصدر. [سن. اَشْرَ = گرمي] گهٽ ڪرڻ – گرمي ڪرڻ. اڪرس ٽيڻ. گرم ٽيڻ – ڪپڻ. ماندو ٽيڻ – سهڪڻ. اَهرڻ – بيهوش ٽيڻ – ڏکرڻ. تکڙ ڪرڻ – جلدائي ڪرڻ. اڪ ڪي مهٽي پاڻي ڪڍڻ. (اَهميو – اَهمندو – اَهميل).

– **اَهڙ:** ث. گرميءَ جي گهٽ – مونجهه – اوگهر – اڪرس.

– **اَهماڻي:** ث. گهٽ – مونجهه. ڏمڪشي. سوڙهه. اُڪرس – گرمي. تکڙ. سهڪ. ماندڪائي.

– **اَهمي (ل):** ث. گرمي – گهٽ – مونجهه – موڙهه. اڪرس. سهڪ. ماندڪائي.

• **اَهمو ج اَهما:** ذ. ڪاڙهو – رُگهه. سهڪ. (صفت) گهٽ وارو. تکڙو – جلدباز – اُبهرو. سائو – ٽڪل – ماندو.

– **اَهمو ٽيڻ:** ماندو ٽيڻ – سائو ٽيڻ. غش ٽيڻ.

• **اَهنُ ج اَهنَ:** ذ. ساهميءَ جي پڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ وڏل وزن (پٿر پتر وغيره) – ياسنگ. ڪاڻ. ڪنهن خالي ٽاڻ، جي تور.

• **اَهنجُ ج اَهنجَ:** ايذاءُ – درد – پيڙا – تڪليف. سُور – ڏک "اندر اِيءَ اهنج. سانديج سُڪائون ڪري" (شاهه). ڏکائي – اولاڻي.

– **اهنج ايذاءُ:** ذ. ڏک سُور. اِيڙا پيڙا.

– **اَهنجائتو:** ذ. صفت. اَهنج وارو – ڏکيو – تڪليف وارو – مُشڪل.

– **اَهنجائي ج اَهنجائيون:** ث. ڏکائي – تڪليف – مُشڪلات. سوڙهه – تنگي. لاچاري حالت.

– **اَهنجو ج اَهنجا:** ذ. صفت. ڏکيو – اولو – مشڪل. اڻانگو. (ث) اَهنجي ج اَهنجيون.

– **اَهنجو ج اِهنجا:** ضمير. اوهان جو ـ توهان جو.

• **اَهنجو (ڪ):** ذ. اُس – نڙڪو – ڪاڙهو. (ث) اَهنجي ج اَهنجيون.

• **اَهنڊل اَهنڊرَ:** ذ. ڪپڙن جو جوڙو – وڳو "ڪو" سو اَهنڊ پٽ جو. جنهن مان وڏوڙو واپار" (شاهه).

– **اَهنڊ ج اَهنڊ:** ذ. صفت. ڏنگو – ڏنگي سياءِ وارو – اڙينگ. حرڪتي. ضديّ ـ شِدتي – هوڏي. ويڑهاڪ. مٿي ڦريل. اَڌ هنڌايل (زيور. ڪپڙو. وغيره).

• **اَهنڊ (اَهنڊُ) ج اَهنڊ (ت):** ذ. صفت. ٽڪل – سائو. هيٺو – بي طاقت.

• **اَهنڊ (اهنڊر) ٽيڻ:** ٽڪجي پوڻ. تمام هيٺو ٽيڻ – ڏُهرو ٽيڻ.

• **اَهنڊ ج اَهنڊيُون (س):** ث. اوکائي – ڏکيائي – تڪليف. عذاب – سختي "اَهنڊيُنَ سندو اَن تان. حڪر لاهه حميرَ" (پارپيو براديو).

• **اَهنڊو (ل. ڪ):** ذ. نند جو خمار. سُستي.

• **اَهنڙ ج اَهڙ:** ذ. [سن. ١. اَنَ = ساڻ + وَرَ = گهوٽ. ٢. اَهـ = ڏينهن + نَرَ = ساڻ + وَرَ = گهوٽ. ٣. اَهـ = ڏينهن + نَرَ = مڙس = ڏينهن جو جوڙو] شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جي سيج يا پڪي جو پهريدار (جو اڪثر گهوٽ يا ڪنوار جو پيٽيرو هوندو آهي).

• **اَهه نس:** ظرف. [سن] رات ڏينهن – ليل و نهار – روز و شب. ساندهه – لڱاتار.

• **اَهنُسا:** ث. [سن. اَ = نه + هنُسا = ايذاءُ] بي آزاري – ڪنهن به ساهواري کي نه ڏکوئڻ جي حالت. عدم تشدّد.

– **اَهنُسڪُ:** ذ. صفت. اهنسا جي مستي تي هلندڙ – بي ضرر. ڪنهن کي به ايذاءُ نه رسائيندڙ.

• **اَهنڪار:** ذ. [سن. اَهم = آءُ + ڪار = ڪرڻ = آءُ ڪرڻ. خودي ڏيکارڻ] آپو – خودي – اَنائيت. هُڪ – تڪبّر – غرور – اَيمان.

• **اَهنُي اَهنوڙي (ڪ):** ث. پهريون دفعو وياڻل (ڍڳي. مينهن. ٻڪري. وغيره) – پهرياٽ.

• **اَهنو ج اَهنا (ل):** ذ. طعنو – مهڻو.

• **اَهنوارجڻ:** فعل مجهول. خراب ٽيڻ. وائڙو ٽيڻ. بيهوش ٽيڻ (اَهنوارجو – اَهنوارجو – اَهنوارجل).

• **اَهنوتري:** ث. اَهنر جو لاڪ – اُهي شيون جي تحفي طور اهنر ڪي ملن.

– **اَهنوتري ڪمائڻ:** شاديءَ جي وقت اهنر ٿي اُجورو حاصل ڪرڻ.

• **اُڌا نہ گھڻا:** محاورو. خواب نہ خيال — نہ وهم نہ گمان.
• **اِڌلو** ج **اِڌا (ڪ):** ذ. ٻاهاڪو — ڄوٽي.
• **اڌلوج اڌا:** ذ. ميار — ڏوراپو. ميهڻو.
• **اُهو** ج **اُها:** ذ. [پرا. اُسُ، سن. اِش = تير] تير — ڪاڻ "اُهو به ويو، ته شهو به ويو" (ڄوٽي).
• **اِهو** ج **اِهي:** ضمير. [سن. اِدم] هيءَ — ساڳيو.
— **اِهو اِهو ڪرڻ:** هيڏهو هيڏهو ڪرڻ — ٽمٽول ڪرڻ.
— **اِهوئي:** صفت. اِهو ساڳيو.
• **اُهو** ج **اُهي:** ضمير. [سن. اَدَسْ] هُو.
— **اُهوئي:** صفت. اُهو ساڳيو.
• **اُهوَڳ (ت):** ظرف. [سن. اَگاڌ] تمام اونهو — عميق.
— **اُهواڳين هُجڻ:** تمام اونهو هُجڻ — عميق هجڻ.
• **اُهوڙ** ج **اُهوڙون (ت):** ث. پيري جي ڇوڙا — آهوڙ.
• **اُهوسهُو (ت):** صفت. مٽ مائٽ — عزيز قريبہ وارث وسيلو — ڏٽي ڏوٽي.
• **اُهوٿ:** ث. [سن. اَهَمْ - آ، خود] خودي — پاڻپڻو — وڏائي — تڪبّر "آديسين اندر جي، ساڙي اُهوٿ آئي" (دلپت).
• **اُهيئين:** ظرف. هروپرو — خالي پيلي. مفت ۾. بنا سبب جي.
• **اُهي پهي:** ذ. صفت. [سن. اَهي - مُسافر + پهي < پَنْڪ = رهبر] اوهي واهي — ڏٽي ڏوٽي — وارث وسيلو. مددگار. واقف. (ث) چاڻ سُجاڻ — واقفيت.
• **اُهيرَ** ج **اُهيرَ:** ذ. [سن. اَهيرَ] ڳُنوار — ڳئون پالينڊڙ. (اسر خاص) هندن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **اُهيرڊ** ج **اُهيرڊيُون (ت):** ث. سندڙ — آهرڊ.
• **اُهيڑي** ج **اُهيڑي:** ذ. صفت. [سن. اَڪيتي] آهيڙي — شڪاري.
• **اُهيَل (ڪ):** ث. ورامڻ ڪي ويجهي ٻڪري (جنهن جي اوهہ ۾ ڪير آيل هجي) — اوهيل.
• **اُهينْ:** ضمير. [سن. يُوْيَمْ] اوهين — توهين.
• **اُهينْڊي** ج **اُهينْڊيُون (ت):** ث. صفت. ڏڪي — حامل — گريٽي.
• **اُئالا** ج **اُئالا:** ذ. صفت. گهٽ — اُنئالو. "سُنئالو" جو ضد.
• **اِئان:** ظرف. اِتان — انهيءَ جاءِ وٽان.
— **اِئائين:** ظرف. اِتائين. انهيءَ طرح — اٽين.
• **اُئان:** ظرف. اُتان — اُنهيءَ جاءِ تان.
• **اُئان اُئان:** ذ. نندڙي ٻار جي روئڻ جو آواز. جُمڻ وقت ٻار جو آواز.
— **اُئان اُئان ڪرڻ:** نندڙي ٻار جو روئڻ.
• **اُئڪ** ج **اُئڪ:** ذ. چرخو (ست ڪتڻ جو). نار — هرلو.
• **اُئڪ** ج **اُئڪُن:** ث. ڇهن يا اٺن مهينن جي ٻڪري (جا اڃا لڳي نہ هجي) — ٻَڪَ.
• **اَئڊريس، اَيڊريس:** ث. [انگ. address] پتو — سرنامو. سپاسنامو — خطابہ.
• **اِئڪٽ** ج **اِئڪٽ:** ذ. [انگ. act] قانون — قاعدو. هدايت. نقل ڪم - عمل.
• **اَئڪٽر** ج **اَئڪٽرَ:** ذ. [انگ. actor] فلم يا ناٽڪ ۾ ڪم ڪندڙ. پارٽ ڪندڙ — اداڪار.
• **اَئڪٽنگ:** صفت. [انگ. acting] ٻئي جي جاءِ تي ڪم ڪندڙ (آفيسر). عارضي طور ڪم ڪندڙ — ڪجهہ ملازم.
• **اَئمّہ:** ذ. [ع. امام ج ائمه] امام. سردار.
• **اُئنڌرو، اُئونڌروج اُئنڌرا، اُئونڌرا:** ذ. صفت. حرڪتي. ڪيچلو — ڏنگو. جهيڙاڪ.
• **اِئنْهَرْ** ج **اِئنْهَرَ:** ذ. [سن. آنْچَلَ] آنچل. دامن — پَلُهُ "پب گيري پيش پئو. وٺ اَئنهرڪر ڪا آهہ" (جلال).
• **اِئنْهلو** ج **اِئنْهلا (ت):** ذ. ڪپڙي جو ٽڪر (جو پنگ وغيره چاڙڻ ۾ ڪم اچي) — صافو.
• **اَئنڊي:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **اَئنگو:** ذ. مور (ٻڪي) "اَئنگي ڪان عجيب جو آڳاٽو ڪر، ڪمال" (سليمان چارڻ).
• **اَئني (ت):** ث. گاهہ جو هڪ قسم.
• **اَئونْ:** حرف جملو. ۽ ٻيو وري. تنهن ڪان سوا.
• **اَئونڊو** ج **اَئونڊا (لص):** ذ. نند جو جهٽڪو — پنڪي "آئونڊي نند، ارجاڳي، آرس، خنڪي، گهَر خماري هُئي" (سَمَويو لنگهو).
• **اَئونري:** ث. ڏڪئي - سخت "اَئونري سير سموند جي ڏڪا ڏيکاري" (خانرٽي).
• **اَئي** ج **اَئيُون:** ث. ٻڪري. ٻن سالن جي ٻڪري. زالن جو هڪٻئي کي سڏڻ جو لفظ — اَڙي!
— **اَئياري** ج **اَئياريُون:** ث. صفت. ٻڪرين واري — ٻڪريون چارينڊڙ.
• **اَئينْ:** ضمير. [سن. يُوْيَمْ] اوهين — توهين.
• **اِئين:** ظرف. [سن. اِمَ] اهڙيءَ طرح — اِن ريت.
— **اِئين جو اِئين:** ظرف. بلڪل انهيءَ طرح — اٽين ئي.
• **اَئينْ:** ظرف. [سن. ايوَمْ] اهڙيءَ طرح. خواه مخواه — اڃايو. بنا سبب جي. مفت ۾.
• **اَيْ، اي:** حرف ندا. [ع. اَي] سڏن جو لفظ. اَڙي! — اوا.
• **اِيْ:** ث. ايذاءَ ڪان وات مان نڪتل آواز.
• **اِيْ:** ضمير. [سن. اِدَمْ] هيءَ.

• **أيارَ أيَرَ ج أيَر، أيِر (ك)**: ذ. صفت. أيَرُ (بكريون) چاريندڙ – بڪرار.
• **أياري ج أياريون (ك)**: ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪوهي جي جهل وارو رسو.
• **أياز**: اسر خاص سلطان محمود غزنوي جي پياري غلام جو نالو (جنهن لاهور ۾ وفات ڪئي. هاڻي "پير سبز" جي نالي سان مشهور آهي).
• **أياغ ج أياغ**: ذ. [ع] شراب پيئڻ جو پيالو – قدح.
• **أيال**: ذ. [ف. يال > أيال] گهوڙي جي ڪنڌ جا وار – يَر ـ بشڪون.
• **أيام**: ذ. [ع. يَومٌ ج أيّامٌ] ڏينهن. گهٽو عرصو يا مُدت. زمانو. واقعات (عورت جي) حيض جا ڏينهن – ماهواريءَ جا ڏينهن.
• **أيامكاري**: ث. (ع. ايام + ف ڪاري) حڪومت جو زمانو – صاحبي. عملداريءَ جو عرصو. ٻيلاڻيءَ جو وقت.
• **أيام ماهْواري**: ذ. ماهواريءَ جا ڏينهن.
• **أيامَ، إيامَ**: ذ. صفت. [سن. أجّيجانَ] أجاڻ – نادان – بيوقوف – جاهل – مورک.
• **أيامَپ، إيامَپ**: ث. نادانيءَ – بيوقوفي – بيعقلي – جهالت. مورڪائي – اڻجاڻائي. "سياڻپ" جو ضد.
• **أياڻ، إياڻا ج إياڻا**: ذ. صفت. [سن. أجّيجانَ] بي سمجهه – اڻجاڻ – بيوقوف – نادانَ – مورک. سادو سُودو – ڀالو پولو. نماڻو. "سياڻو" جو ضد. (ث) أياڻي ج أياڻيُون.
– **أياڻائي**: ث. نادانيءَ – بيوقوفي – جهالت.
• **أياڻي ج أياڻيُونْ (ك)**: ث. صفت. أنَ وياڻل (بڪري، ريڍ يا ڏاڄي).
• **ايبر ج ايبرُون (ك)**: ث. ڪيري ريڍ.
• **أيبَكَ**: اسر خاص. [ترڪي. إيبكْ = ڪڏڻ جو مور: ف ايبك = بَتَ] غلام گهراڻي جي پهرئين بادشاهَ "قطب الدين" جو لقب (جنهن هندوستان تي ١٢٠٦ ع کان ١٢١٠ تائين حڪومت ڪئي).
• **ايبيُ ج ايبيُونْ (ل)**: ث. اَڻ جي نڙيءَ ۾ ٽيل ڳنڍيو (بيماري).
• **ايتَرَ**: ظرف. ايترو (عرصو) – ايستائين. ايتري ۾ ـ انهيءَ وچ ۾.
• **ايتَرو ج ايترا**: ذ. صفت. انهيءَ جيترو – انهيءَ قدر. هيترو (انداز، وقت).
– **ايترو سارو**: ظرف. گهٽو – مقرر انداز کان زياده.
– **أيتري ۾**: ظرف. انهيءَ عرصي ۾ ـ تنهن وچ ۾.
• **أيتُ، أيْتُ**: ذ. هڪ تارو جو بدي مهيني جي پهرين ڏهن تاريخن (آگسٽ ١٧ ـ ٢٧) ڏاري اُپري ٽو "بدي پهرين ماه ۾ أيت اُپريو – موتڻ سندو من ۾ قاضيءَ قصد ڪيو" (فاضل شاه: ليلي مجنون). ڪن جي جوڻ موجب بدي جي پوين تاريخن يا اڄا به اُسوءَ جي پهرين تاريخن ڏاري اُپري ٽو. پهرينئين اُسر وقت اُپري ۽ جيئن ٻوءِ تيئن اڳ ۾ اُپري. تان جو آڏيءَ ڏاري اُپرندو آهي. ڏکڻ اوير ڪنڊ کان اُپرندو ۽ ڏاکڻي افق تي ٿي رهندو. عام خيال موجب أيت اُپري درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاهو آڻيندو آهي "أيت تارو اُپريو ته پور مڻ سيسين گڙ سموند جا ٿو سوسيو ڪدي ساڻ" (جو ونڊين جا. جڏهن ڏسندين ايت أکين سان" (رسالو). مال جو ڪير سڪ ٿيندو. پوڻ کان باهر جيڪي جيت هوندا تن کي ماريندو. ان وقت چمڙو سنو رڳيو ۽ خوشبوءِ ڪندو "أيت نه رڳي ڪڙيُ. جا اڳي سڙي آه" (گرهوڙي) – پيسرو – آگٽ (ه) – سُهَيْل يَمَني (ع.ف).
• **ايتاج**: ذ. [ع. إحتياج] گهرج – ضرورت.
– **ايتاجو (ت)**: صفت. محتاج – گهرجائو.
• **أيْثرو**: ذ. صفت. ٽرڙو. واڙو. زيانڪار.
• **أيْثَ (ت)**: ث. اوت ٽيڪ.
• **أيثُ ج أيثَ**: ذ. [سن. أرگهَت] سُٽ ڪرڻ جو اوزار – چرخو. نار – هُرلو.
– **أيثائو**: ذ. صفت. أيٽ جو – چرخي وارو.
– **أيٽ چاڙهڻ**: هُرلو چاڙهڻ. گهٽي محنت ڪرڻ. ڏاڍو روڻ.
– **أيٽ هلائڻ**: چرخو چورڻ. هُرلو وهائڻ. انتظام رکڻ. ڪاروبار هلائڻ.
• **إيتَ**: ث. [سن. إشْٽكا = ستر] پتن ۾ ڇڻڪڙيءَ جو رنگ.
• **ايتاجَ ج ايتاجَ (ت)**: ذ. انومَان – گمان. خيال صلاح.
• **أيْتهار**: اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **أيْتِڙيَ ج أيْتِڙيُون**: ث. أرتي – ڪيهه تاڻن جي مشين. ننڍو أيٽ. مگر ميڙ جو هڪ قسم.
• **أيْتَ ج أيْتُونْ**: ث. [سن. أوَة] ننڍي جوان ٻڪري جا اڇا ويائي نر هجي – پٺ – أيٽ (ڪ).
• **ايتَ (ت)**: ث. اويٽر – جُوٽيءَ.
– **ايتي ايتوارو**: ذ. اوياريل ڪاڏو.
• **أيتوا**: اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **أيْتوڙ ج أيْتوڙُونْ (ل)**: ث. رسي ٻڌڻ جي ڪاٺي.
• **أيْتو (ت)**: ذ. آبادي، هيٺ نه آيل ميدان – آٿنو.
• **ايتي**: ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
• **إيْثارَ**: ذ. [ع] پنهنجي فائدي کي ٻين جي خاطر قربان ڪرڻ جي حالت. قرباني. ٻيا لاڇ خدمت.
• **ايچ ج ايچ**: ذ. اَهنج – ذڪائي – تکليفَ "هيچ" جو ضد.
• **إيجابَ**: ذ. [ع. وَجَبَ (= واجب نهرائڻ > إيجاب)] لازمي نهرائڻ جي حالت. ثابت ڪرڻ جي حالت. منطق جي اصطلاح موجب "سلب" يعني "انڪار" جو ضد. نڪاح يا ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ ڪنهن به طرف جي آڇ (مثلاً مڙس جو زال کي جوڻ ته "مون تو کي زال ڪري قبول ڪيو" ايجاب آهي: انهيءَ جي پويان زال جو جوڻ "مون کي اهو قبول آهي" کي "قبول" چئبو).
– **إيجابُ و قبول**: ذ. نڪاح جو قول (گهوٽ جي پاران) ۽ اقرار (ڪنوار جي پاران).
• **إيجادُ، إيجادَ (ث) ج إيجاد، إيجادُون**: ذ. [ع. إيجادٌ – وجود ۾ آڻڻ] نئين سر وجود ۾ آڻڻ – نئين شيءِ ڳولي ڪڍڻ جي حالت.

اِڪتشاف – اِختراع "ميرو مخلوقن جو. علت ايجاداً" (گرهوڑي).
– اِيجاد ڪرڻ: ڪا نئين شيءِ (دوا، مشين، ڪر جو طريقو وغيره) وجود ۾ آڻڻ.
• اِيجاز: ذ. [ع] انتخاب – اختصار – ٿَٽ – خلاصو.
• اِيجَنْٽ ج اِيجَنْٽَ: ذ. [انگ. agent] مالڪ جي پاران ڪر ڪندڙ – عوضي. گماشتو – پلاوٽو.
• اِيجَنْسي ج اِيجَنْسِيُون: ث. [انگ. agency] ڪر ڪار هلائڻ لاءِ تنظيم. ڪنهن ڪمپنيءَ جي پاران ڪر هلائيندڙ آفيس.
• ايجي ءِ جو لڪ (ڪ): اسر خاص. ڪير ٿر جبل ۽ هڪ لک جو نالو.
• اِيجهو ج اِيجهَا: صفت. اهڙو.
• اِيجُهُون پيجُهُون: ث. مٽا جيٹرا مائٽ – اڳيون پويون پيڑهيون. ڪنهن جي اولاد جون بدافعاليون اِتر پٽر.
– اِيجُهُون پيجُهُون ڪڍڻ: مُٹَ جيٹرن جا عيب ڪڍڻ – اِتر پتر ظاهر ڪرڻ.
• اِيجهو ج اِيجهيا: ذ. [سن. آشرءِ = پناهه، مدد، بچاءُ] پناهه. احسان – ٿورو.
– اِيجهو ڪرڻ: احسان ڪرڻ – ٿورو ڪرڻ.
• اِيجس: ث. جوپائي مال جي تمام گهٽائي.
• اَيڈَ ج اَيڈَ (هڪ ل): مضبوط ٽيڻ. پکڙيل. جڙهيل (پائي) ٽلهو – مَتارو. سگهارو. زور وارو (مرد، گهوڙو) "ٻُڌل. پچاڙيون. پاوڙا. ايڈ ڪري تو آڏ" (شيخ ابراهيم). پهلوان بيپرواهه.
• اِيڈانْهَنْ، اِيڈانْهُوْن، اِيڈانْهِينْ: ظرف. انهيءَ طرف – انهي پاسي.
• اِيڈَنْڪُون، اِيڈانْڪِين: ظرف. اِنهيءَ پاسي – اِيڈانهن.
• اِيڈَپَرِ، اِيڈَتي: ظرف. ڪجهه انهي پاسي – ذرا انهيءَ طرف.
• اِيڈانْهَنْ، اِيڈانْهِين: ظرف. اِيڈَپَرِ.
• اِيڈَرُ ج اِيڈَرَ (ث): ذ. اَٽ جي ڪوڙي. تي گاٽ وارو سخت حصو.
• اِيڈَر (ڪ): ث. آڪڙ ـ سيتَ. تنبيهه.
• اِيڈَرُو ج اِيڈَرَا: ذ. صفت "اِيڈو" جو تصغير. ايترو ننڍو. ننڍڙو. (ث) اِيڈَرِي ج اِيڈَرُيُون.
• اِيڈو ج اِيڈا: صفت. ايترو وڏو. اِنهيءَ جيترو. انهيءَ جيڏو. (ث) اِيڈي ج اِيڈِيُون.
• اِيڈهانْ، اِيڈَهُوْن، اِيڈَهِين، اِيڈي: ظرف. اِنهيءَ طرف – اِنهيءَ پاسي – اِيڈانهن.
• اِيڈوانْس: ذ. [انگ. advance] اڳوات ڏنل رقم – پيشگي. سُوتي.
• اَيڈووڪيٽ: ذ. [انگ. advocate] وڪيل.
• اِيڈِيٽَر ج اِيڈِيٽَرَ: ذ. [انگ. editor] اخبار لکندڙ. منشي – مدير.
– اِيڈِيٽوريل: ذ. [انگ. editorial] ايڈيٽر جو لکيل مضمون – اخبار جي نظريي کي پيش ڪندڙ مقالو.
• اِيڈِيُوڪيشن: ث. [انگ. education] تعليم.
– اِيڈِيُوڪيشنل اِنسْپيڪٽر: ذ. [educational inspector] تعليم کاتي جو هڪ آفيسر.
• اِيذاء ج اِيذاءَ: ذ. [ع] درد – سُور. آزار – اَهنج.
• اِيذائِيُ: مصدر. [ع. اِيذاء + ڏڪوئڻ] ڏکوئڻ. تڪليف ڏيڻ. ستائڻ – آزارڻ. رَنجائڻ. (ايذايو، اِيذائيو – اِيذائيندو – اِيذايل، اِيذائيل).
• اِيرُ: ذ. [سن. ايل، اَيْلَ] هڪ خاص تعداد. [سن. اِيرشا] حسد. تفاوت. [سن. هيرڪ] ڪجهي خبر آڻيندڙ – جاسوس – چاري "ٽڪو ايرَ نه پير، نڪي اوٽي آڻيو" (شاهه).
• اِيراجو: اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اِيرادُ: ذ. [ع] ثابتي – دليل (پيش ڪرڻ). گواه (آڻڻ). ڪنهن به لفظ جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ شعر جو بيت ثابتيءَ طور آڻڻ جي حالت. شاهد – سند – حوالو.
• اِيرادو ج اِيرادا: ذ. [ع. اراده] اِيرادو. خواهش – مرضي. رَبّ جي رضا. قسمت – نصيبه.
• اِيرادُو ج اِيرادا: ذ. [ع. اِراده > ايرادو > ايرادُو] اِرادو. قسمت – نصيب "ايرادي، آندي، ڪورنهاري ڳوٺ ۾".
• اِيراضي: اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اِيراضي ج اِيراضِيُوْن: ث. [ع. اَرْض ج اَراضي > ايراضي] زمين – زمينون. زمين جي ماپ – پکيڙ – رقبو.
• اِيراضي ڏمڏڪي: اسر خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اِيراضي ڪهوٽڪي: اسر خاص. تعلقي ڪهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اِيراقَ ج اِيراقَ: ذ. [ترڪي. يراق = هٿيار پٿوهار. ساز سامان. هيرا جواهر] ڪهوڙو – سُواري.
• اِيرانُ: اسر خاص. ڏکڻ اولهه ايشيا جو هڪ قديم تهذيب ۽ تمدن وارو وڏو ملڪ (جنهن ٽي چون ٽا ٽه اهو نالو اَيْرج پٽ فريدون جي نالي سببان پيو). پاڪستان جي اولهه ۾ هڪ محدود اراضيءَ واري مُلڪ جو نالو.
– اِيراني ءِ ج اِيراني: ذ. صفت. اِيران جو (رهاڪو. (ذ) تتر جو هڪ قسم (رواجي تترن کان ٽلهو ۽ ٻَٽ ۾ وڏو لنب ذرا ڳاڙهاڻ تي مائل. تنگون ٽلهيون ٽينس). (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.
• اِيرانْشَوْنْ، اِيرانُون: ذ. ڪَدو.
• اِيرانُون (ت): ث. شڪار جي اصطلاح ۾ تنگڻ جي وچ ۾ ڏنل گڙيا ڪائيون.
– اِيرَپَرَ: ذ. آج وچ – آمدرفت. مُنهن مهاڙ – واسطو – تعلق. جاڻ سُجاڻ.
• اِيرپير نه هُجڻ: تعلق نه هجڻ – واسطيداري نه هجڻ. شڪ شبهو نه هجڻ.
• اِيرڙِيُ ج اِيرڙُيُوْن (ل): ث. گند جو ڍير – اڙوڙي. مالهه ۾ ٻڌڻ جي ڪاٺي – اِرڙي.
• اَيرُ غَيرُ: ذ. [اَيرُ + ع. غير] گند ڪچرو – ڪُنِ چنَ – مُڙ ميل. (صفت) ڏاريو – بيگانو – اجنبي.

• **ايرَ ايئر:** ذ. [اير + ايئر < قِرڙ] ڏاڍ سڌ – ڏاڍ گهڻو. مناسبتا – ڏي وٺ. ڏند فريب.
• **اِيْرڪا:** ٿ. [سن. اِيْرشا = ريس] حَسَدُ – هُوس – سائُ – ڪامَ.
• **ايَرَنْڊي:** ٿ. [سن. ابرگَنڈ] هيرڙ – هرڙ. جو ورڙ.
– **ايرنڊيءَ جو تيل:** ذ. هيرڙ جو تيل (جو جلاب طور ڪم اچي).
• **ايڑڻ (ل):** مصدر. [سن. ورود = چٽائڻ] چٽائڻُ (زخم) – ميڙڻ (ڦٽ). پرڻ – انگوڑڻ (زخم، ڦٽ). ڍڪ ڪڍڻ – هڪهڙي مٿان رکڻ (ٽائُن). سٽڻ (ڪانيون، وغيره). ناهي رکڻ. (ايريو – ايريندو – ايريل).
– **ايرائڻُ:** صفت. "ايرڻ" سان متعدي بالواسطه. چٽائڻ (زخمي).
– **ايرجَڻُ:** مصدر "ايَرڻ" مان فعل مجهول پرجڻ (ڦٽ) – ميتجَڻُ (زخم) – پرجڻ – انگورجڻ (قرڙي).
– **ايرندڙ، ايريندڙ:** وَرندڙ، چٽندڙ (ڦٽ).
• **ايرٽي ج ايرٽِيُون:** ٿ. مالهَ جي ٽڪيل ڪاني – اِرڙي.
• **ايرَو ج ايرا (ڪ):** ذ اُها مقرر جاءِ جتي ڪانيون چونڊي گڏ ڪجن. چونڊيل ڪانين جو هڪ جاءِ تي ٿڏو.
• **ايرو گهيرو:** ذ. چوڌاري – آسپاس.
• **ايريُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ايريال:** ذ. هڪ قسم جو ريڙو (جو دوائن ۾ ڪم اچي) – قَرهو.
• **ايرَنگ ج اِيرِنگ:** ذ. [انگ. ear_ring] ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ گهڻ – گوشوارو.
• **ايرِيو:** ذ. پساريءَ وڪر جو هڪ قسم (هڪ وڻ جي سُڪل رَس جا دوا ۾ ڪم اچي). پت جو بنياد – پيڙهه (ت). روڪڻ پيسن تي ڪنيل مقاطعو (جو زمين جي پيدائش جي حصي ڏيڻ بدران ادا ڪجي). زميندار جو هاريءَ تي بٽئي طور نقد رقم جو بدل بانڊاڻ. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.
• **ايرَ ج ايڑون:** ٿ. [هـ. ايڑ. ايڑي] ڪڑي – آڑي.
• **اَيرُ ج اَيرُ (ل):** ذ. اِيرَ – بَلَو.
• **اِيْرُ ج اِيرُ:** ذ. صفت. بَدُو. جهنگلي "اِيرُ پنهوار". چپ، ڏڍ.
• **اِيْرُ پيرُ اِيرا پيرا:** ٿ. لڳ جو سُور – بدن جي پاڄ. بيماري. تڪليف.
• **ايرَڪُ ج ايرَڪ:** ذ. [سن. ايرَڪ = هڪ قسم جي رِڻ، گهنو، جهنگلي ٻڪر] جهنگلي ٻڪر. وڏو ڏَنبو – ويڑهو گهنو.
• **ايرابليش:** جملو. [بلوچي. ايرا = هتي + بِل = جَڏ + ايشي = هن کي] هن کي هتي جڏ. "تنين پهيو پاڻ ۾ 'ايرا بليشي'" (شاه).
• **ايزاد:** ذ. [ع] واڌ – واڌارو. اضافو.
• **ايزد:** ذ. [ف] ڏاتي تعالي.
– **ايزدي:** صفت. خُدائي.
• **اِيزَڪ ج اِيزَڪُون (لس):** ٿ. ڪير وجهڻ لاءِ ٽنڊڙي سانداري (جا ٻيرولي ۽ ڏاڙهون) جي چوڌيءَ سان ماريل ڪَلَ مان ٺاهيندا آهن).

• **اِيس ج اِيسونْ:** ٿ. [سن. اِيسا] ڪٽ جي پاسي واري ڏڳهي ڪاني – ڪٽ جي پاڻهين.
• **اِيسامَ:** اسر خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **ايسانُ:** ذ. [سن. اَيْشانَ = اُتر اُپرندو] اُتر اُپرندو طرف.
– **اَيساني، اَيسائِي:** ٿ. اُتر اُپرندي جي وَڃ (مينهن جي اچڻ جي نشاني) – ٻڪرار ڪُنوڙ. مينهن جا آثار. مينهوڳي واري هوا.
• **اِيستادگي:** ٿ. [ف. ايستادن (= بيهڻ) > ايستادگي] بيهڪ – قيام. بيٺلائي. شاهُڪاري.
• **اِيستادَه:** صفت. [ف اِيستادَن (= بيهڻ) > ايستاده] بيٺل قائم ڪل.
• **ايستائِينْ:** ظرف. ايتري وقت تائين. انهيءَ حد تائين.
• **اِيْسَتَر (ت):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **اِيسْرُ:** ذ. [سن. اِيْشْوَر > ايسر] ايسر مهاديو (جنهن جي نالي سان بلا ۽ وجوءَ جون جهاڙون رکندا آهن" ايسر مهاديو ڪي وانجا چَلي"). هندو مرد جو نالو.
• **اِيسرُو:** اسر خاص. ڪارو درياءُ "اِيسرا اوڏو تي، وجهه ونگي ڪي ور" (احسان فقير).
• **اَيْسو:** ذ. صفت. بنا ملاوت – صفا – اَڻ ڳڌيل. جهڙي جو تهڙو. (ذ) آسرو (ت).
– **ايسو ڏيڻ (ت):** آسرو ڏيڻ.
• **اِيسوتو ج اِيسوتا (ل):** ذ. بيل گاڏيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪائي (ٽائُني جي تري ۾ جاڪوٽ لڳل ڪائي) – چورسو.
• **اِيسِيْ:** ٿ. چَڪيلي يا چڪلي راند (جنهن ۾ چوڪرين ڇٽ هٿن ۾ ڏيئي گولائيءَ ۾ قرنديون اَهن).
• **ايسينْ:** ظرف. ايتري وقت تائين. ايتريءَ دير ۾ انهيءَ حد تائين (مرڪب ۾ ڪم ايندڙ لفظ "ايسين سوڏي ايسين تائين").
• **اِيشْوَرُ:** ذ. [سن. اِيشْوَرَ] اُپائٽهار – پڳوان.
• **ايشيا، ايشا:** ذ. [انگ. Asia] هڪ مشهور ڪنڊ جو نالو.
• **اِيْصالُ:** ذ. [ع. وَصَلَ (= ڳنڍڻ > اِيْصال] وصل – ميلاپ.
– **اِيصالُ الثَّواب:** ذ. ثواب پهچائڻ جو فعل.
• **اَيْضاً:** ظرف. [ع] ٻڙ. اڳئين وانگر. ساڳيءَ طرح.
• **اِيْفا:** ٿ. [ع. اِيفاء] وعدي جي وفائي – انجام جي پوراڻي.
• **اِيقانُ:** ذ. [ع] يقين – پڪ. اعتبار.
• **ايڪ:** صفت. [سن. ايڪ] هڪ – واحد هڪڙو.
• **ايڪر داڻي (لس):** ٿ. ڳهه جو هڪ قسم.
• **ايڪا دَسي، ايڪا دَشي:** ٿ. [سن. ايڪا دَشي] سنڌي مهيني جي پارهين تَٿ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن) – گيارس.
• **ايڪاسي:** صفت. [سن. ايڪاشيت] هڪ ۽ اَسي جو عدد (۸۱).

• **ايڪانَ ج ايڪانَ (ت)**: ذ. [ع. اَرْكان] عادت – لڇڻ – افعال.
• **ايڪانٽ**: مث. [سن. ايكانْت] اڪيلائي – خلوت – تنهائي. نويڪلائي – خلاصگائي – گوشه نشيني.
– **ايڪانتي**: ذ. صفت. اڪيلائيءَ ۾ گذارينڌڙ – گوشه نشين.
• **ايڪانوي**: صفت. نوي ۽ هڪ جو عدد (۹۱).
• **ايڪائي**: مث. هيڪڙائي – وَحْدَتَ – يڪانگي. (اسر خاص) ساڌو فقيرن جو گروهه.
• **ايڪتا**: مث. [سن. ايكتا] ايڪو – اتحاد – اتفاق – ٻڌي.
• **ايڪتيهه**: صفت. ٽيهه + هڪ جو عدد (۳۱).
• **ايڪڙ، اِيڪڙ**: ذ. خريف جي فصل ۾ پيدا ٿيندڙ سنهڙن پنن سان هڪ ڪائيدار ڊگهو ٻوٽو جنهن کي مال کائي.
• **ايڪڙ ج ايڪڙ**: ذ. [انگ. acre] زمين جو ٽڪر (جنهن جي ايراضي ۴۸۴۰ چورس وال هجي). آبادي۽ لاءِ ۾ جريب زمين جو ٽڪر.
• **ايڪڙ ٻيڪڙ**: صفت. هڪ ٻ. ٽوڙا. "گهٽا" جو ضد. (ظرف) هڪ ٻ پيرا. چدر ٻاڏو – ورلي – ڪنهن قضائي.
• **ايڪلائي ج ايڪلائيُون**: مث. موجين جو هڪ اوزار (جنهن تي جتي رکي ڪرڪا ٽوڪجن).
• **ايڪلڌارو ج ايڪلڌارا**: ذ. وادڪي ڪمر جو هڪ اوزار.
• **ايڪلو ج ايڪلا**: ذ. صفت. [سن. ڪيوَلَ] اڪيلو – هيڪلو – تنها. ٻڙو. (ث) ايڪلي ج ايڪلِيُون.
• **ايڪو ج ايڪا**: ذ. [سن. ايك] هڪ – هڪڙو (عدد). هڪڙي درجي وارو انگ (۱ کان ۹ تائين). ايڪتا – اتحاد – ٻڌي. هڪ قسم جي ٻڪي. هڪڙي ڊگهي واري گاڏي – ٻڪڙو.
– **ايڪي جي واڌ**: مث. رياضيءَ جو هڪ اصطلاح (تہ رَقمي ۽ پنج رقمي حسابن کي "هڪ" جي مدد سان حل ڪرڻ).
– **ايڪي ۾ هُجڻ**: ٻڌيءَ ۾ هجڻ – اتحاد ۾ هجڻ.
• **ايڪوائي ج ايڪوائيُون (اس. ل)**: مث. هڪ قسم جو ڳهه – هڪ سَر واري دَري.
• **ايڪوائي ج اَيڪوايُون، ايڪوائيُونْ (ل)**: مث. سونارن جو هڪ اوزار (ننڍڙي سندڙ جنهن تي مندين يا چلا ويڙهي گول ڪندا آهن).
• **ايڪوتر ايڪوترو**: صفت. [سن. ايك + اَتر] هڪ سيڪڙو – سَوَ تي هڪ (وياج).
• **ايڪونْجاهه**: صفت. [سن. ايكَنْجاشْتْ] 'پنجاه + هڪ' وارو عدد (۵۱).
• **ايڪويهه (ت)**: صفت. ايڪيهه (۲۱).
• **ايڪهتّر**: صفت. [سن. ايكَسَپْتَتْ] 'ستر + هڪ' وارو عدد (۷۱).
• **ايڪهٺ، ايڪاهٺ**: صفت. [سن. ايكَشَشْتَ] 'سٺ + هڪ' وارو عدد (61).
• **ايڪهڙ ج ايڪهڙا**: ذ. [سن. ايك + آهار] ڏينهن ۾ هڪ پيرو کاڌو. هڪ ڏينهن جو ورت (هندو اَسَر مهيني جا پهريان نوَ ڏينهن روزا رکندا آهن.

جي "ايڪهٺا" سڏيا آهن)
– **ايڪهڙا رکڻ**: اَسَر جي مهيني ۾ پهرين نوَن ڏينهن جا ورت رکڻ.
• **ايڪياسي**: صفت. ايڪاسي (۸۱).
• **ايڪيتاليهه**: ذ. واپارين جي اصطلاح ۾ هڪ مڻ ۾ جاليهن سيرن بدران ايڪيتاليهن سيرن جي تور.
• **ايڪيتاليهه**: صفت. [سن. ايكَچَتْوارِ نْشَتْ] هڪ ايڪي ۽ چئن ڏهاڪن وارو عدد (۴۱).
• **ايڪيهه**: صفت. [سن. ايكَونْشَتْ] هڪ ايڪي ۽ ٻن ڏهاڪن وارو عدد (۲۱).
• **ايڪيهو (ث)**: ذ. شادي جي هڪ رسم موجب ڏاج ۾ مليل ايڪيهه پڙا يا ستڻون، بائيتاليهه پيٽيون يا چولا ۽ هنڊ.
• **ايگزيڪيوٽو**: صفت. [انگ. executive] قانون جي تعميل ڪرائيندڙ. ڪمر ڪندڙ. ڪمر وانڌڙ.
– **ايگزيڪيوٽو آفيسر**: ذ. انتظامي آفيسر.
– **ايگزيڪيوٽو انجنيئر**: ذ. انجنيري ڪاتي جو ڪارڪن عملدار.
• **ايگو ايگو (اس)**: ذ. خوشيءَ جو آواز. ڪڪي. خوشي ٿي خوشي. مزائي مزا.
• **ايگو ڪڻڻ**: ڪڪي هڻڻ – ڪُجون ٽوڪڻ.
• **ايل، اَيْلْ**: مث. [ترڪي. ايلي] بند ڪرڻ جي حالت. بيگر ۾ لڳائڻ جي حالت. قيد – بند. نظر بندي. اطاعت – تابعداري.
• **ايل ج ايل (ڪمل)**: ذ. صفت. [ع. عَوْلْ] باندي – قيدي "هو سمو جام سين جو. پر عشق ڪئي کو ايل" (راڄن شاه). [سن. ايلَكَ = گهٽو] جهنگلي. ڏراڙ. رواجي ماٺهو.
• **اَيلَ، اَيلهَ (ل)**: مث. فوج – لشڪر – سپاهه – ڪٽڪ.
– **اَيْل، اَيلهه جاڙهڻ**: ڪٽڪ جاڙهڻ – فوج جاڙهڻ.
• **اِيل**: ث. ڪاڻ - ميار – آڻ "ڪنڊجي ڳاموين کي عمر لاهج اِيل" (يوسف). رنڊڪ "مٺي نور نيڪن تنهن کي آڏي ڪانهي اِيل" (شاه عنات).
• **اِيلَ ج اِيلون**: ث. هلان – ڪاهه – جلهه "آيو ايلائون ڪري هلي عالادين" (خانڙئي).
• **اِيْلْ**: مث. [سن. ايدك، ايلكَ = گهٽو] هڪ قسم جي رڍ. رڍ يا ٻڪري.
• **اِيلْ**: مث. ڪنهن به شيءِ جي پهرينءَ سَٽَ آڇ يا نابري. انڪار – عدول توبهه – زاري. آڻ (ت) – بانْ. سُوءَ – افسوس (ڪ). سُوءَ ۾ رهڻ ڪري ڪن ڪمن (جهڙوڪ سٽن طعامن کائڻ يا هار سينگار ڪرڻ) کان پرهيز (ڪ). پرهيز – رک "جن جي اڳ نہ ٻڪي اِيلْ. تن جا مڃڻ راڄ رُلائين" (شاهه). سرڻ جو هڪ قسم. لاڳاپو.
– **اِيل رکڻ (ل)**: لاڳاپو رکڻ.

– **ايل ڪرڻ (ت)**: توبھ ڪرڻ. آڻ مڃڻ – ٻاڻ ڪرڻ (ت). ڪنھن جو عذر ڏيڻ. ڪنھن جي ٻاران ٿسي ويھڻ (راڄ ۽).

– **ايل ۾ رھڻ (ڪ)**: فوتي، جي سوءَ ۾ رھڻ.

• **ايل، ايڙ**: ث. سڳ ڏيڻ ونڻ وقت شروعات. گھوٽ سھريجن جي ايل ڪندو. اتي شريڪ ٿيندو جتي ساھرا شريڪ ٿيندا.

• **اِيلاج ج ايلاجَ**: ذ. [ع. علاج] علاج – دوا.

– **ايلاجي**: صفت. علاجي – بيمار "عاشق آھي ايلاجي، پائي ڳڇي، گل گاري" (سجل).

• **ايلاڇو ج ايلاڇا**: ذ. ھڪ قسم جو ريشمي پٽا پٽي ڪپڙو (جنھن ۾ ايلاڇين جھڙا گل ٻوٽا ھجن).

• **ايلاچي**: اسم خاص. تعلقي ڪبري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ايلاچي ج ايلاچيُون**: ث. [سن. ايلڪا] مصالحي جو ھڪ قسم – نندو ڦوٽو – اڻچي. منگر مڇي، جو ھڪ قسم (منھن سنھون، وڇ ٿلھو، پڇ سنھون، ڏيڳھ اڌ فوت کان ھڪ فوت تائين).

• **ايلاري**: ذ. "ايلاري گوتر" (آڪھ) جو ماڻھو.

• **ايلاڑي پيلاري**: ذ. صفت. لَلو پنجُو. خسيس (ماڻھو).

• **ايلاري ٽ پيلاري**: محاورو. ڪنھن بہ ڳاٽيتي ۾ ٽ. ليکي ۾ ٽ.

• **ايلاڙ**: ذ. [علاڄ > ايلاڄ > ايلاڙ] منٽون – حيلا "ھت پير پرين جا چميو. آھو آيا ايلاڙ ڪن" (رمضان ڪنبر).

• **ايلاھَ ج ايلاھُون**: ث. [اي + لاھ] دانھن – زڙ – ڪوڪ آزي. منٽ.

• **ايلاھُون ڪرڻ**: درد مان دانھون ڪرڻ. جند ڇڏائڻ لاءِ عرض ڪرڻ.

• **ايلپاڪو**: ذ. ھڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو (جو الپاڪي جانور جي ڪل يا اَنَ مان ٺاھيندا آھن).

• **ايلڙ ٻڏھواڙ، ايل ٻڏھوار**: ذ. [سن. ايلَ = رڙ + ٻڏو = بکري + وال = وارو] بکرار – ريڍار. جھنگلي – وحشي. اَن سڌريل.

• **ايلچي ج ايلچي**: ذ. صفت. [ترڪي. ايلچي] سفير – وڪيل. قاصد. (اسم خاص) ڪوٽڙي. ٽنڈي الھيار ۽ قنبر تعلقن ۾ ديھن جو نالو.

• **ايلسي**: ث. ٽيلي ج جو ھڪ قسم.

• **اِيلُغارُ ج اِيلُغارون**: ث. [ترڪي] حملو – ھلاڻ – جڙھائي – ڪاھ – يلغار.

• **ايلياسَ**: اسم خاص. [ع. الياس] ھڪ مشھور پيغمبر جو نالو.

• **ايم ـ اي**: ذ. [انگ. M.A.] ڪاليج جي ڇھين سال جو امتحان ماسٽر آف آرٽس (Post Graduate).

• **ايما**: ذ. [ع. ايماء] اڪين جو اشارو – غمزو. حڪم.

• **ايمانُ ج ايمانَ**: ز. [ع] دل جو يقين – اعتقاد – عقيدو. اعتبار – پروسو – وسواھ. پت.

– **ايمان آڻڻ**: اعتبار ڪرڻ. اعتقاد رکڻ. قبول ڪرڻ – مڃڻ.

– **ايمان ٻوڙڻ**: پت وڃائڻ. بي ايمان ٿيڻ. ضمير وڪڻڻ. ڪوڙ ھڻڻ.

– **ايماندار ج ايماندارَ**: ذ. صفت. [ع. ايمان + ف. دار < داشتن = رکڻ] ويساھ رکندڙ. ايمان وارو. سچار. امانت دار – آمين. سُٻيرو. ديندار. منصفو.

– **ايمانداري**: ث. سچائي – سُٻت – اَمانت. ديندار.

– **ايمان فَروش**: ذ. صفت. [ع. ايمان + فروش. > فروختن = وڪڻڻ] ايمان وڪندڙ. بي ايمان. خيانتي. ڪُپتيو.

– **ايمان لوڙھڻ**: ايمان ٻوڙڻ. بي ايمان ٿيڻ – بي ھمت ٿيڻ.

– **ايمان وڃڻ**: بي ايمان ٿيڻ. ويساھ نڪرڻ.

– **ايمان وڪڻڻ**: لالچ خاطر ڪو ناجائز ڪم ڪرڻ. حق ڪي ڇڏي ڪوڙ جي حمايت ڪرڻ. ڪپت ڪرڻ.

– **ايماني ج ايماني**: ذ. صفت. ايمان وارو – ايماندار. سورھيو – دلير.

• **اَيمَتَ ج اَيمَتَ (ل)**: ذ. صفت. ٽلھو متارو.

• **اَيمَنُ**: صفت. [ع] آمن وارو – محفوظ – سوڳھو. خوش. ديپڪ راڳ جي ھڪ راڳڻي جو نالو.

– **ايمني**: ث. سلامتي ـ امن امان.

– **اَيمنا**: ث. [ع. اَمنه] عورت جو نالو.

• **اَيمو ج اَيما**: ذ. [ع. اَيمه: ترڪي. يمه = روزي] شرطي جاگير. وقف زمين.

– **اَيميدار**: ذ. صفت. [ع. اَيمه + ف. دار] شرطي جاگيردار. وقف جي زمين سنڀاليندڙ.

• **ايمي ج ايميُون**: ث. [ع] سيپاري جو چوٽون حصو.

– **ايمي، پڙھڻ**: ايمي پوري ڪري مڪتب جي ٻارن سان گڏ جلوس ۾ نڪرڻ. وڏو ماڻھو ٿيڻ.

– **ايمي ڪرڻ**: ٽيھين سيپاري جو پويون چوٽون حصو پڙھي پورو ڪرڻ.

• **اَينَ ج اَينَ**: ذ. [سن. اَيَنَ = وڃڻ. رستو. گردش] اھو نقطو جتي طُريق الشمس. خط استوا کي ڪيي (انھي، ھنڌان سڄ اوتر يا ڏکڻ ڏي ويندو آھي).

• **أَيْنَ**: حرف استفھام. [ع] ڪٿي – ڪٿان. (ذ) ڏھن مقولات (عشرت مقولات) مان ھڪ مقولو.

• **أَيْنَثَرَ ج أَيْنَثَرَ**: ذ. ڏھن نامي ج لفظ. ٽينھن "اسد. چيتو. شير اھ. أَيْنَثَرَ ٽان نروار".

• **اينجل**: ذ. (ھ. آنچل) - دامن – پلئه. پب گيري پڙپيش تون. وٽ اينجل ڪر ڪا آ" (جلال ڪتي).

• **أَيْنْجِي ج أَيْنْجِيُونْ**: ث. نڙيا گوءِ جي پوري ڪائي.

• **أَيْنْجَرْ ج أَيْنْجَرَ**: ذ. صفت. خوش آواز. حسين – سُھڻو.

• **اِيندَرَ**: ذ. [سن. اِنْدَر] ڪنو.

• **اِيندو**: ذ. صفت. [اَڃ > ايندَ] اَڃ وارو. ڏسندو (مھينو).

– **اِيندڙ ويندڙ**: ذ. صفت. اَڃ وڃ وارو. مسافر – واٽھڙو.

• **اِيندو ج اِيندا:** ذ. آمدني – آيت – پيدائش "ايندو سيڪو ڏسي. ويندو ڪوئي نہ ڏسي".

• **ايندو ويندو:** صفت. عام خاص. هر ڪو.

• **اَيِنڈَنْ:** ذ [سن. اِندَن < اِنْد = بارش] بارش لاءِ ڪالهون. چيٽا وغيره ـ بارڻ – ٻل.

• **اِيْنڈو:** ذ صفت. پاڳيو. سڪيو سٽابو – هوندَ وارو.

• **ايندي ج اِيندڙيون:** ث. صفت. خالي – للهي – سڃي – سڪني "جتي ايندڙيون اوطاقون، اتي وجهج باجهه بروج ڪي" (شريف شاه).

• **اِيْنْڊَڪي ج اِيْنْڊَڪيُون (ت):** ث. هڪ قسم جي اڇي رنگ جي ٻڪري.

• **اَيْنْدُ ج اَيْنْدَ (ل):** ذ. ڪڪن مان ٺهيل اٺ جو پلاڻ.

– **اِيْنْڊَرِي ج اِيْنْڊَرِيُون (ڪ):** ث. سينهوڙي – سينهي.

• **اِيْنْدِي ج اِيْنْدِيُون (ڪ):** ث. گڏهه جي ٻڪيءَ تي رکڻ جي گدي (جا ڪڪن ڪائن سان پريل هجي) – ٻني.

• **اَيْنْگ:** ذ. صفت [سن. اَيَنْگ] يڪانو – لاثاني. بهادر – بيباڪ اڙپنگ. [سن. اَوِيَگر] لاغرض – بيپرواهه. پهري سجاڳ. [سن. اَوِيَنْگ] لڳين سڃو – سالم عضون وارو. مستان – گينوار. (ظرف). اڃانڪ – اوجتو.

• **اَيْنْگن اَتْنگو:** ذ. موز (پڪي) – طائوس.

• **اِيْنْگهَڻُ:** مصدر. چڪجي ڏڪهو ٽيڻ (رٻڙ وغيره) – وَڌڻ – ويجهڻ. ڪشادو ٽيڻ (ڪپڙو). ڏڪهو ٽيڻ (معاملو). دير پوڻ. اِنْگهَڻُ. (اِينگهيو – اِينگهندو – اِينگهيل).

– **اِيْنْگهَ، اِيْنْگهِ:** ث. ڏيڪهه. واڌ. ڏر. انگهَ.

– **اِينگهائِڻ:** مصدر "اِينگهڻ" مان متعدي بالواسطه ڏيڪهه ڪرائڻ – طول ڏيڻ – انگهائڻ.

• **اِينگهه ڪرڻ:** ڏيڪهه ڪرڻ – ڳالهه کي اجايو وڌائڻ. دير وجهڻ. اِنگهَ ڪرڻ.

• **اِيْنْهَنْ (ل):** ث. پهرئين ويم واري چوپائي.

• **اينو ج اينا (ڪمل):** ذ. صفت. ڪنو – خراب – بدبودار – اوسنو. اوبارو (ڪاڏو).

• **اَيْنُهَ ج اَيْنُوهُوْن (ڪ):** ث. وهڙي – اَن وياهل جوان ڏڳي. پهريات ڏڳي.

• **اِيْنْهان اِيْهارَ (ل):** ذ. [سن. آڪار] مهاندا – روش – اَريڪڻ.

• **اِيئن:** ظرف. اثين – بلڪل انهي طرح. اهڙيءَ طرح. اهڙي حال ۾. بنا شڪ شبهي جي.

• **ايئرڻي:** بي باڙي. ڏڻ ويڙهي

• **اَيْڀي (ت):** ث. ڳاهه جو هڪ قسم جو

• **ايڀ ج ايڀ (ڪ):** صفت. جهنگ جا. سادا ۽ بي خبر "اطلس مان جاڻن ايڀ، خود بافون وڏ ڪتبي مارن جي".

• **اَيوارن اَيْوارُو (ل):** ذ. [سن. اَويْ = رد + اَوارَ = لوڙهو] ٻڪرين جو واڙو.

• **اَيوانُ ج اَيوانَ:** ذ. [ف] اڳڻ – دالان . کليل پٽ. محل – مڪان. قانون ساز مجلس.

• **اَيُوبُ:** اسم خاص. [ع] هڪ نبي سڳوري جو نالو (جو نهايت صابر هو). مرد جو نالو.

• **ايورِيسٽ:** اسم خاص. [انگ. Everest] هماليه جبل جي وڏي ۾ وڏي چوٽي (جا دنيا ۾ اڪاهين چوٽي آهي).

• **اَيوگ:** ذ. صفت. [سن. اَيوگيَ] اَجوگ – بي واجبي. نامناسب.

• **ايوٽو ج ايوٽا:** ذ. صفت. ڏنگو – اَهنڌ. تيز – چيڙاڪ

• **ايوٽي ج اَيوٽيُون (ت):** وڇي ـ ٻڪو. ڏڻ ويڙهي (وَل).

• **اِيْهَا:** ضمير [سن. اينا] اِها ـ ساڳي. [سن. اِچْچا] اِچا ـ خواهش ـ مرضي.

• **اِيهامُ:** ذ. [ع. وَهَمَ (= وهم ۾ وجهڻ) > ايهام] شعر جي هڪ صنف جنهن ۾ هن معنائن وارو لفظ آندل هجي. شڪ.

• **اِيْهانْ:** ظرف. هتان.

• **اَيْهَرُ:** (آهر، شيشو) = عينڪ. عينڪ مثل خاص شيشن جا کوپا جن جي باڻڪ سان نندڻين سنهين شين کي وڏيڪ جٽو ڏسي سگهجي.

• **اِيْهَرو ج اِيْهَرا (ث):** ذ. هڪ قسم جو زهري جيت.

• **ايهڙ (ث):** ظرف. سدائين ـ هميشه.

• **اِيْهُو:** ث. پهريات ڏڳي يا جوپائي.

• **اِيْهو ج اِيْهي:** ضمير. [سن. ايشَه] اِهو.

ب

• **بـ:** ش. [ع] سندي. عربي ء فارسي "الف ـ ب" جو بيو اکر. تلفظ "بي". ابجد موجب عدد ۲ (۲). سنسکرت ء هندي جي استعمال موجب بعضي "و" سان بدلجندڙ اکر "وید = بید، ویر = بیر". فارسيء جي استعمال موجب بعضي "ب" سان تبديل ٿيندڙ اکر "بادشاه = پاتشاه". "بسم الله" جو پهريون اکر.

• **بَـ:** ذ. [ف] قسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ "بخدا". (حرف جملو) سلسلي يا تواتر ڏيکارينڈڙ حرف "روز بروز، دن بدن". تاڪيدي معنيٰ ۾ مستعمل حرف "تازه بتازه، ٽوبٽو، جابجا".

– **بجانب:** ظرف. پر ۾ ـ پاسي لڳ.

– **بجنسي:** صفت ساڳيو ـ هوبهو ـ نس پس ـ بعينه.

– **بحساب:** ظرف. حساب سان ـ ليکي سان. ٽورڙو.

– **بحُکم:** ظرف. حڪم موجب. فرمان سان. فرمودي موافق.

– **بخوبي:** ظرف. چگيء طرح سان ـ خوبيء سان.

– **بخوشي:** ظرف. خوشيء سان. مرضيء سان.

– **بخير بخيريت:** ظرف. خير سان. سلامتيء سان.

– **بدَسْت:** ظرف. هٿ سان. هٿ ۾.

– **بدَسْتور:** ظرف. دستور سان ـ قاعدي موجب. ساڳيء طرح ـ حسب معمول.

– **بدولت:** ظرف. سبب سان ـ جي ڪري. ذريعي ـ رستي. وسيلي. ياڳين.

– **بذات:** ظرف. پاڻ خود.

– **بذَريعي:** ظرف. [ع. بالذّريعه] جي وسيلي ـ معرفت. طريقي سان. هٿان.

– **براڻي:** ظرف. لاءِ ـ واسطي. مطلب سان ـ ليکي.

– **بزور:** ظرف. زور سان. جبراً ـ زوريءَ.

– **بشرطيڪ:** ظرف. انهيءَ شرط سان ته.

– **بصِفَل:** ظرف. وانگر ـ طرح ـ جهڙو.

– **بطَمْع:** ظرف. ساڻ ـ سُودو ـ سميت.

– **بطمع عيال:** ظرف. عيال سودو ـ آڪهه سميت.

– **بمُوجب:** ظرف. پٽاندر ـ مطابق ـ طرح.

– **بنسبت:** ظرف. بابت ـ واسطي ـ باري ۾ ـ متعلق.

• **بـ:** حرف جر. ظرف. [ع] سان "بسم الله (= ب + اسم الله) = الله جي نالي سان". (ذ) قسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (بالله = خدا جو قسم) "ساهه سرصدقو ڪريان. پيو ناهه ڪي بالله بيٺ" (گل).

– **بالله:** ذ. الله جو قسم ـ خدا جو سُنهن. (ظرف) سچ پچ ـ تحقيق "محبّت ءِ مجاز جي. بالله بيپير ٻُوءِ" (شاه).

– **بالاتفاق:** ظرف. اتفاق سان ـ يڪراءِ ـ متفقه طور.

– **بالاجماع:** ظرف. سڀني جي راءِ سان ـ يڪراءِ.

– **بالاجمال:** ظرف. مُجمل نموني ۾ ـ اجمال سان. ٿلهي ليکي.

– **بالاراده:** ظرف. ارادي سان. جاڻي واڻي.

– **بالتخصيص:** ظرف. خاص طرح ـ خصوصيت سان.

– **بالتصريح:** ظرف. چٽائيءَ سان ـ وضاحت سان ـ صاف صاف.

– **بالتفصيل:** ظرف. تفصيل سان. وجور سان. شرح سان.

– **بالتقدير:** ظرف. تقدير سان. موقعي سان ـ اتفاق سان ـ اوچتو.

– **بالتمام:** ظرف. پوريءَ طرح سان.

– **بالجبر:** ظرف. زور سان ـ زبردستي.

– **بالجمله:** ظرف. جمله طور. مجموعي طور. ڪُل. آخرڪار.

– **بالخير:** ظرف. خير سان ـ چگيءَ طرح ـ سُهڻي نموني.

– **بالذات:** ظرف. ذاتي طور ـ شخصي طور ـ پنهنجي سر.

– **بالضرور:** ظرف. ضرورت موجب. ضرور ـ اَوسِ. پڪ ـ يقيناً.

– **بالطبع:** ظرف. سڀاويڪ ـ فطرتاً.

– **بالعڪس:** ظرف. اُبتڙ. برخلاف. بيءَ طرح.

– **بالعموم:** ظرف. عام طرح سان ـ عام طور. رواجي طرح.

– **بالفرض:** ظرف. فرض طور. ڪٿي قبول ڪجي.

– **بالفعل:** ظرف. حال ۾ الحال ـ هينئر ـ هن وقت. حقيقت ۾ ـ سچ پچ. نس پس.

– **بالقوّة:** ظرف. قوّت يا زور سان. امڪاني صورت ۾. "بالفعل" جو ضد.

– **بالڪل:** ظرف. ڪُليّ نموني ۾. پوريءَ طور. پوريءَ طرح. تمام ـ سارو.

– **بالمشافهه:** ظرف. سامهون ـ روبرو.

– **بالمشاهده:** ظرف. اکين سان. روبرو ـ منهن مقابل.

– **بالمعنيٰ:** ظرف. سچ پچ ـ حقيقت ۾. ڳجهو.

– **بالمقابله:** ظرف. پيٽ ۾ ـ نسبت ۾. سامهون.

– **بالمقطعه:** ظرف. مقاطعي طور ـ ليکي تي عملي الحساب ـ ٿلهي ليکي.

– **بالْمُقْطو:** ظرف. مقرر قيمت تي ـ چڪتو ـ قطعي.
– **بالْمُناصَفَه:** ظرف. نصف نصف ـ اڌو اڌ.
– **بالْمُواجهه:** ظرف. منهن مقابل ـ سامهون.
– **بالنِّسْبَه:** ظرف. پيٽ ۾.
– **بالواجب:** ظرف. بالضرور. ضرور.
– **بالواسطه:** ظرف. ڪنهن واسطي يا وسيلي سان ـ ٻئي جي معرفت.
– **بالْيَقين:** ظرف. يقين سان ـ پڪ سان. پڪ ئي پڪ ـ ضرور ـ يقيناً.
– **بحَمْده تعالىٰ:** ظرف. ڏٺيءِ پاڪ جي ساراهه سان.
– **بعَيْنه:** ظرف. هُوبهو ـ ساڳيو. جيئن جو تيئن ـ نِس پِس.
– **بغَير:** ظرف. کان سواءِ ـ ڌاران ـ علاوه.
• **بـ:** حرف جملو. [ع. بـ = سون: سن. اَپي] پِڻ.
• **با:** حرف جر. [فـ با: سن. اَپُ] سان ـ ساڻ ـ گڏ "باخبر. باادب. وغيره".
– **باآبرو:** ذ. صفت. آبرو وارو. عزت سان.
– **باإتفاق:** ظرف. يڪراءِ ـ متفقه طور.
– **باأثر:** ذ. صفت. اثر وارو ـ رسوخ وارو.
– **باإحْترام:** ذ. صفت. احترام وارو ـ محترم. احترام سان.
– **باأدَب:** ظرف. [فـ با + ع. أدب] أدب سان ـ نياز سان. (ذ. صفت) أدب وارو. خَليق ـ رلٹو ملٹو. فضيلت وارو ـ فهميدو.
– **باإيمان:** ذ. صفت. ايمان وارو ـ مومن.
– **باتدبير:** ذ. صفت. ڏاهو ـ اتڪلي.
– **باترتيب:** ظرف. ترتيب سان ـ منظم.
– **باتميز:** ذ. صفت. تميز وارو ـ سمجهو. سُلجهيو.
– **باحسابه:** ظرف. حساب سان ـ ليکي سان.
– **باحَياء:** ذ. صفت. حياءِ وارو ـ لجارو ـ شرميلو.
– **باخَبَر ج باخَبَرَ:** ذ. صفت. خبر وارو ـ خبر رکندڙ ـ واقف. خبردار ـ سُڌير ـ هوشيار. سياڻو ـ ڏاهو.
– **باذوق:** صفت. ذوق وارو. سليقي وارو.
– **باسَليقه:** ذ. صفت. سليقي وارو ـ با تميز.
– **باشُعُور:** ذ. صفت. سمجهه وارو ـ داناءِ ـ ڏاهو.
– **باصَفا:** ذ. صفت. صاف پاڪ. سجو.
– **باصَوابُ:** ز. صفت. درست ـ ٺيڪ. صحيح سلامت.
– **باغَرَض:** ذ. صفت. غرض وارو ـ لالچي.
– **بافَضيلَت:** ذ. صفت. فضيلت وارو. فضيلت سان.
– **باقاعِدَه، قاعِدي:** ظرف. قاعدي سان ـ قانون مطابق. دستور سان. ترتيب سان ـ سلسلي موجب.
– **باڪمال:** ذ. صفت. ڪمال وارو. اوج تي پهتل. ماهر (ڪنهن هُنر ۾).
– **بامُرَوّت:** ذ. صفت. فضيلت وارو. مرحات وارو. لحاظي.
– **بامَعْنيٰ:** ظرف. معنيٰ سان ـ مطلب سان.
– **باوُجود، باوجوديڪ:** حرف جملو. اِنهيءِ هوندي ب ـ اڳرچ. جيتوڻيڪ
– **باوَضْع:** ذ. صفت. وضع وارو ـ ڍنگائتو.
– **باوفا:** ذ. صفت. وفادار.
– **باوقار:** ذ. صفت. وقاروارو. عزّت مند. گنڀير.
– **باهِمّت:** ذ. صفت. همّت وارو ـ دليو.
– **باهُنَر:** ظرف. هڪئي سان گڏ ـ پاڻ ۾.
– **باهُنَري:** صفت. گڏيل ـ پاڻ ۾.
– **بايَقين:** ظرف. يقين سان ـ پڪ سان.
• **باب:** حرف جر جي حذف ٿيڻ واري اعرابي صورت. [بابَ ۾ > (حرف جر "۾" جي ڪڍي ڇڏڻ ڪري) باب] باب ۾ ـ باري ۾ "جيڪا باب ٻڌيءِ جي بات ٻڌي". حق ۾. قسمت ۾ ـ نصيب ۾ "سِڪان ٿي سنگهار کي. باب نہ منهنجي بس" (شاهه).
– **بابِ پڙهڻ:** قسمت ۾ اڇڻ. لکيو ٿيڻ. حق ۾ ٿيڻ ـ باري ۾ ٿيڻ
• **بابُ ج باب:** ذ. [ع] دَرَ ـ دروازو ـ لنگهه "بَرلڏائون باب. اَديون عشق مدام جو" (خواجه محمد زمان). داستان (ڪتاب جو). فصل. ڳالهه ـ بيان. فيصلو. دربار ـ درگاهه. رستو. ڏاڄ ـ مَرڪ لاڻ ـ وَڙ. ڪم ڪار ـ ڏنڊو. ڪاسبيءِ جو ٻُڌاڻ ـ لاڳ. قسمت ـ نصيب. (اسم خاص) "بابي" مذهب جي بانيءِ (سيّد علي محمد) جو لقب.
– **باب والبَريه:** ذ. توبهه جو دروازو.
– **بابُ السَّماء:** ذ. تارن جو ميڙ جو آسمان ۾ رسني وانگر نظر ايندو آهي. (تارن جي) وات ـ آسماني ندي ـ ڪير ڏارا ـ ڪهڪشان.
– **بابَ پڙهڻ:** "الف ـ بي" پڙهڻ. شروع ڪرڻ.
– **بابُ عالي:** ذ. تُرڪيءِ جي سلطان جي دربار.
• **بابر:** ظرف. جوڙ ـ جوڙجو ـ مت.
• **باب:** ذ. عنوان. پاڻو. فصل. تفصيل.
• **بابا ج بابا:** ذ. [ترڪي: فـ بابا = پيءُ] بابو ـ پيءُ ـ پتا ـ والد ـ پيءُ ـ پتا ـ والد. ڏاڏو. پوڙهي ماڻهوءِ جو خطاب. بزرگ ـ درويش ـ فقير. نندڙي ٻار لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. سنياسي ـ جوگي. (اسم خاص) منهوڙي جي ويجهو هڪ بيت جو نالو.
• **بابا حاجي رتن:** اسم خاص. درويش فقيرن جو هڪ آستانو "ڪني

بابا حاجي رتن ديکشو کي ويرونات وچن" (لطف الله قادري).

• **بابا گوري:** ذ. [ترکي. بابا قُوري] پٿر جو هڪ قسم (هيدي رنگ جو ٿئي. دوائن ۾ ڪم اچي. ڏيڪڙي کان پاڻ جي ڇڪيءَ ۾ ٻڌندا آهن) ـ سنگ زرد.

• **بابتہ:** حرف جر. [ع. بابَة (= حد. چيڙ. قسم. نمونو. طرح. جوڙ) > ف. "بابت" (= سبب. جي ڪري. ڇڪائتو. ٺهندڙ) > "از بابت" جي ڪري. خاطر. واسطي] واسطي ـ لاءِ ـ متعلق.

• **بابتيو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بابچي، بابچي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي ـ بابچيني.

• **بابر:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بابرچي (ت):** ذ. صفت. [ترڪي. باورچي] بورچي ـ رسويو ـ راڌائو.

• **بابرڙو ج بابرا:** ذ. صفت "بابا" جو تصغير. (اسم خاص) مسلمانن (سمات) جي "بابرا" قوم جو فرد.

• **بابرڪ:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ بادشاهه جو نالو. (صفت) اَمين. مضبوط. سيکاريندڙ ـ اَتاليق. (ذ) فيروزو (پٿر). [ف. "باب" جو تصغير] بابڙو ـ بابل ـ پُٽڙو.

• **بابڙ ج بابڙ:** ذ. ["بابو" جو تصغير] پيءُ لاءِ پيار جو لفظ ـ بابڙو ـ بجڙو.

• **بابلو ج بابلا:** ذ. صفت. [بابلَ > بابلو] بار لاءِ پيار جو لفظ ـ بابڙو ـ بجڙو.

• **بابلي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بابو ج بابا:** ذ. [ف. بابا] اَبو ـ پيءُ ـ والد.

• **بابُو ج بابُو:** ذ. [ف] رمتو فقير يا جوگي (جو دونهين دڪائي ويهي) "ڪالهه گذيوسين ڪاڙي. بابُو بيڪاري" (شاهه). بنگال ۾ پڙهيل ماڻهوءَ يا ڪلارڪ جو خطاب. ريلوي مُلازم (جو اسٽيشن تي ٽڪيٽون ڏئي يا جانچي).

• **بابُوجي:** معزز ـ مان وارو. (حرف ندا) اي بابوجي "گهيڙا آب عميق جا، بابُوجي پونا" (خانزئي).

• **بابُونو:** ذ. [ف. بابُوند] پسارڪي رکر جو هڪ قسم. هڪ قسم جي ٻَنتي (جنهن جي پَنن جو تيل سنڌن جي سُور لاءِ مفيد آهي).

• **بابهه:** ث. ڪوهه جو پارچ. مالهه کي جهلن جي ڪاٻي.

• **بابي ج بابيئون:** ث. ٻار کي پيارمان ڏنل چمي ـ مٽي.

• **بابين ج بابينئون:** ث. [انگ. bobbin] ڪڙي سبن جي مشن جو هڪ برزو ـ لوهي ريلُ. ڏاڳي ويڑهڻ لاءِ آڏاڻي جو هڪ اوزار.

• **بابوڙا:** اسم خاص. ٽر جي هندن جي هڪ ذات "ڏؤ جهلي هڪ مينهن ٻيو بابوڙو" (جوڻي).

• **بابيو ج بابيون:** ث. ياءِ جي زال ـ ياڄائي ـ بابي.

• **بات ج باتيون:** ث. [سن. وارتا = ڳالهه > وُرْتَ = واقع ٿيڻ] ڳالهه ٻولهه. سخن ـ ٻولهه. سخن ـ ٻول ـ گفتو. ذڪر ـ بيان. احوال. مخفي خبر. ڳجهو نياپو. راز "اهي بجهي آڻيا. بيان ڪن نه بات" (ڏ ٥). سَال ـ مسئلو. ٻولي. سبب ـ عذر. نصيحت ـ اَپديش. نُڪتو ـ حڪمت ـ دانائي. لطيفو ـ جرجو. دل تي اَثر ڪندڙ حالت ـ ڪيفيت.

ـ **بات بَنائڻ:** ڳالهه ٺاهڻ ـ حيلو ڪرڻ.

ـ **باتِرُ ج باتِرَ:** ذ. صفت. واتر ـ گهٽو ڳالهائيندڙ ـ جهڳي خور. بٽاڪي ـ لٻاڙي.

ـ **باتُوني ج باتُوني:** ذ. صفت. ڳالهيرَ ـ وات وڏو ـ گهڻ ڳالهائو. چرب زبان.

ـ **باتِشاهُ ج باتِشاهَ:** ذ. [ف. پادشاه] بادشاهه.

ـ **باتِشاهي ج باتشاهيُون:** ث. بادشاهي.

• **باتڪ (ل):** ث. بيوهوشيءَ ۾ وڇل ـ وٽل.

• **باتو:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باتُوڙ ج باتُوڙَ:** ذ. صفت. ٽلهو ـ ٺٺارو.

• **باتڙو، باتڙيو ج باتڙا، باتڙيا (ت):** ذ. [ڏاتڪي] تماڪ رکڻ لاءِ چمڙي مان ٺهيل ٿيلهي.

• **بات:** ث. لَٽِ ـ ووڻن وغيره جون سڪهيون ڪاٺيون (جي لاڏيءَ وغيره ٺاهڻ ۾ ڪم اچن) ـ باٽ. لَٽ ـ ٽلهي لَٽ. چتي ٻَڪ. ڪتي جي ٻُونڪ.

• **باتا:** اسم خاص. چاڇڙ قبيلي جي هڪ ڏاڙي جو نالو.

• **باتارا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو ـ بٺارا ـ دايا.

• **باتارو ج باتارا:** ذ. صفت. [سن. پُرشتڪار] ڪنورو پڇائيندڙ ـ بٺارو. دايو. (ث) باتاري ج باتاريون "ماءُ باتاري. پٽ فتح خان" (پهاڪو).

• **باتو ج باتا:** ذ. ٽلهي لَٽ. سونٽو ـ ڏَڪو. ٽلهي ٽلهڙ (وهتن هڪڙن لاءِ) "ڪامون شهه مَ ڪرها. باتا ڪير هٽاءِ" (عنايت).

ـ **باتا ڏيڻ:** سونٽا هڻڻ ـ لٽين سان ڪٽڻ.

ـ **باتا ڇڇ، ڪُٽڻ:** باتا هڻڻ.

• **باپ ج باپَ:** ذ. [ف] بابو ـ پيءُ. (صفت) اُستاد. هوشيار ـ تَرٻاڪ.

• **باپراڻي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري حيدرآباد. نواب شاهه ۽ ٺٽي ضلعن ۾).

• **باجُ:** ذ. [ف] محصول ـ ڏَڻ.

ـ **بالْجدارُ ج بالْجدارَ:** ذ. صفت. دِل اُڳاڙيندڙ ـ حاڪر.

ـ **بالْجگندارُ ج بالْجگندارَ:** ذ. صفت. دِلَ پَرُو ـ ڏاني.

• **باجارا:** اسم خاص. تعلقي سيوهڙ پر هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **باجائي (ت):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **باجَرَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **باجَرِ:** ث. سنهيون بيڪار ڪائينون ـ سَنهورَ "باجَريُوجَر".

• **باجَرُ ج باجَرُ:** ذ. وهنوار.

• **باجِڪائي:** اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **باجو ج باجا:** ذ. [سن. وادْيَ < وَدْ = آواز ڪرڻ] واجو. هارمونيم.

• **باجُوئي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **باجاڙَهُ (ت):** مصدر. ڪاوڙ ڏيڪارڻ.

• **باجِڪائي (ڪ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **باجُو:** صفت. باقي بچيل. بقايا ـ رهيل.

• **باجا، باجاهَ ج باجا، باجاهَ:** ذ. [فـ بادشاه] بادشاهه. حاڪم "باجا، باجايُون پانهنجون، ائين ئي اُونڌيون ڪن" (شاعر "ثمر").

ـ **باجائي، باجاهي ج باجايُون، باجاهيُون:** ث. بادشاهي ـ باجاهي.

• **باجاچَنگ:** ذ. [ف] هڪ قسم جي "پتن راند".

• **باخْتَرُ:** اسم خاص. [ف] مشرق. مغرب. آڳاتي زماني ۾ "هندوڪش" جبل ۽ "جيحون" نديءَ جي وچ واري ملڪ جو نالو (جتي هن ٽوهن وارو ذات ٿئي) ـ بلخ.

• **باخْتَهُ:** صفت. [فـ باخْتَن = داءُ هارائڻ] گم ٿيل ـ وِڃل ـ خطا (حواس) "حواس باخته = وائڙو، موگو".

• **باخلائي:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **بادِ:** ث. [فـ بادُ = هوا: سن. واتَ = هوا] هوا ـ واءُ. ريح ـ بادي (ٽِٻ. ڦوس). [ف] شل ٿئي!

ـ **بادا باد:** ندا [ف] جيڪي ٿئي. سو ٽيئي ڏي.

ـ **بادبانُ ج بادبائ:** ذ. [ف] ٻيڙيءَ جو سڙهه. ڪوهو. پال. وڇڙو. پيالو ـ قدح.

ـ **بادِ بَهار:** ث. بهار جي موسم جي هوا ـ وٽندڙ هير.

ـ **بادِ تُنْد:** ث. سخت هوا ـ واج ـ طوفان.

ـ **بادپا:** صفت. هوا وانگر تمام تڪو وڃندڙ (گهوڙو).

ـ **بادپيما:** صفت. هوا ڪچيندڙ. هوا جهڙو تڪو ڊوڙندڙ (گهوڙو).

ـ **بادخايه:** ث. خصيا سُڄي پوڻ جي بيماري ـ چِن.

ـ **بادِ خزانْ:** ث. سَرءُ جي موسم ۾ لڳندڙ هوا (جا وٽن جا پن چاڻي ڇڏيندي آهي).

ـ **بادِ خُور:** ث. گهوڙن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ وار ڇٽي ويندا آهن).

ـ **بادِ رَفتار:** ذ. صفت. هو اوانگر تمام تڪو. (گهوڙو). تيز رفتار. تمام چالاڪ.

ـ **بادِ صَنْج:** ذ. صفت. اَجايو ڳالهائيندڙ ـ بڪواس ڪندڙ. مغرور. فضول خيال.

ـ **بادِ شَرْطَه:** ث. موافق هوا (جا ٻيڙين کي هلڻ ۾ مدد ڪري) ـ سُڪائو واءُ.

ـ **بادِ صَبا:** ث. [ف. باد + ع. صبا] صبح جي وقت اُتر اولهه کان لڳندڙ هوا (جنهن ۾ مڪڙيون تڙڦن). صبح جي هير ـ نسيمِ صبح.

ـ **بادِ صَرصَر:** ض. تيز هوا. جهولو.

ـ **بادِ فِرَنْگ:** ذ. يورپ جي هوا. يورپ کان آيل هڪ مرض (جنهن ۾ بدن تي ڪارا، گول گول داغ ۽ ڦٽ ٿي پوندا آهن) ـ تاڪي ـ آتشڪ.

ـ **بادِ ڪُردار:** ذ. صفت. تِڪو ـ تڪڙو ـ اُبهرو.

ـ **بادِ ڪُش:** ذ. وڇڙو.

ـ **بادِ گولو:** ذ. [سن. واتَ = هوا + گَلَمَ = تلي] تلي سُڄي پوڻ جي هڪ بيماري. بيٽ سور. بادي.

ـ **بادگِيرُ ج بادگِيرَ:** ذ. صفت. گهر ۾ هوا اَچڻ لاءِ ڇت ۾ ٺهيل ڪُڙڪو ـ منگهه.

ـ **بادِ مُخالِفُ:** ذ. [فـ باد + ع. مخالف] اُلٽائو واءُ (جو ٻيڙين کي هلڻ ۾ روڪ ڪري) ـ اُبتڙ هوا. طوفان ـ جهڪ ـ واج.

ـ **بادِ مَخولي، مَخولِي:** ث. هڪ قسم جي بيماري ـ دماغ جي خرابي ـ ماليخوليا ـ سوداءِ نُتول ـ مسخري.

ـ **بادُنْما:** ذ. صفت. هوا جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار ـ هوائي ڪُڪڙ ـ تَنْتَڪِ.

ـ **بادوانُ:** ذ. صفت. [فـ بادبان] منگهه.

ـ **بادِ هَوائي:** صفت. بيهودو ـ واهيات.

ـ **بادي:** ث. بيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ هوا ـ ريح.

ـ **بادي سُورُ:** ذ. وائي سُور ـ وجع المَفاصل.

• **بادا:** ث. گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي جا مُريا سڄي پوندا آهن) ـ باديا. [ف] ندائيه لفظ "شل هجي!" (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بادارُ:** اسم خاص. ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڏيوريءَ جو نالو.

• **باداشُ:** ث. [فـ پاداش] بدلو. پاڙو. جهاڙو.

• **بادالُ ج بادالَ:** ذ. مِقدار (ڏيکهه ويکر سان).

• **بادامُ ج بادامَ**: ذ. [نـ بادام؛ سن. واتامَ قَل] هڪ مشهور ميوو ۽ وڻ. (ڪنايةً) معشوق جي اک.
– **بادام چَشْم**: ذ. صفت. بادام جهڙين اکين وارو ـ سهڻو ـ ملوڪ.
– **بادام روغَن**: ذ. بادامين جو تيل.
– **بادام سيَه**: ذ. ڪارو بادام. معشوق جي اک.
– **بادامي**: ث. ننڍي قسم جو بادام. بادام جو گورو. ڳاڙهيري رنگ جي بکري. (صفت) بادام جهڙو (رنگ). بادام جي شڪل جهڙو. مخنث.
• **بادامْجو** (ث): ذ. پرت جو هڪ قسم (جنهن ۾ زرين ۽ سان بادامي ۽ جهڙيون ٽڪڑيون ناهيندا آهن).
• **بادامي بَري**: ث. بَري ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
• **باداني**: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باداڻي**: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بادِ رَنجبُويَه**: ذ. [ف. بادرنگبويه] خوشبودار گاهه جو هڪ قسم (جو دوائن ۾ ڪم اچي).
• **بادِ رَنْگ** َ ج بادِ رَنْگ َ: ذ. [ف] ريڇ ـ ڪبرو ـ ٻاهي.
• **بادِ رُو** ج بادِ رُو (ث): ذ. صفت. بَدر (بدلو) ڪندڙ ـ پاسو ولندڙ ـ طرفدار. حمايتي. (حرف جر) بدران ـ پاران.
• **بادِ شاهُ** ج بادِ شاهَ: ذ. [ف. باد = تخت + شاه = ڏڻي] تخت ڏڻي. ملڪ جو حاڪم. مُلڪ جو والي. بادشاهه جي مَورت وارو پتو ـ ٻارهون پتو ـ ٻارهيو. (صفت) زوراور ـ ضدي.
– **بادِ شاهاڻو** ج بادِ شاهاڻا: ذ. صفت. شاهاڻو.
– **بادشاهَتَ** ج بادشاهَتُونْ: ث. بادشاهي سلطنت.
– **بادشاهِ پسنْد**: ذ. گل جو هڪ قسم. انب جو هڪ قسم. آنب جي ڪنهن خاص وڻ تي رکيل نالو.
– **بادشاهزادو** ج بادشاهزادا: ذ. بادشاهه جو پٽ ـ شهزادو. (ث) بادشاهزادي ج بادشاهزاديُون.
– **بادشاهِ گَردي**: ذ. طوائف الملوڪي ـ وڳوڙ ـ آنڌ ڏَنڌ.
– **بادشاهِ گَردي لڳڻ**: بدانتظامي ٿيڻ.
– **بادشاهِيَ**: ث. بادشاه جي زال ـ راڻي پٽ راڻي. مصريءَ جو هڪ قسم.
– **بادشاهي** ج بادشاهيُون: ث. سلطنت. حڪومت. راجَ ـ صاحبي.
– **بادشاهي ڪرڻ**: حڪومت ڪرڻ ـ حڪومت هلائڻ. عيش ڪرڻ. سُکيو وقت گذارڻ. خوشين ۾ هڻڻ.
• **بادَلَ** ج بادَلَ: ذ. [سن. وارِدْ < وار = پاڻي + دا = ڏيڻ] ڪَڪر ـ اَبْر.
– **بادَلَ برسڻ**: ڪڪر وسڻ ـ مينهن پوڻ. الٰهي رحمت وسڻ.
– **بادَلَ پرچي اڇڻ**: ڪڪر پرچي اڇڻ ـ مينهن چڙهي اچڻ.
– **بادل ڪُلڻ**: آسمان صاف ٿيڻ. ڪڪر جو ٽڙي ٻکڙي وڃڻ. اوکاڻ.
• **بادلو** ج **بادِ لا**: ذ. زريءَ جي تار. زري ـ مُقيس. ڪلابات. ريشم ۽ جاندي ۽ جي تارن سان اَڻيل ڪپڙو. زريفت ـ ڏماج. [نـ باديه] هڪ قسم جي پيتلي گهنگهي (جنهن جي مٿان ڪپڙو چڙهيل هجي. جا مسافريءَ ۾ پاڻي ٺڏي رکڻ لاءِ ڪندا آهن). (صفت) لاڏلو ـ البيلو.
• **بادلي بادليو**: سجاڻ. سورهيه.
• **بادو** ج **بادا**: ذ. صفت. [سن. واتُولَ = هوا سان پريل. بادي ۽ جو مرضيل. سنڊن جي سُور ۾ قائل] چريو ـ مست. نشي ۾ مخمور. [ف. باديه] رڌو وتو ـ جَحَنَ.
• **بادوان**: [ف = بادبان] سِڙهه.
• **بادَهْ**: ذ. [ف] شراب ـ مَي.
– **بادَهِ اَحمَر**: ذ. ڳاڙهي رنگ جو انگوري شراب.
– **بادَهِ پُرتگالي**: ذ. پورچوگال ملڪ جو شراب.
– **بادَهِ پَرسْت**: ذ. صفت. شراب جو پوجاري ـ شرابي.
– **بادهِ پيما**: ذ. صفت. شراب مٺيندڙ. شرابي.
– **بادهِ پيمائي**: ث. شراب پيڻ جي حالت. نشو ـ خمار.
– **بادهِ خوارْ**: ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
– **بادهِ دوشيزَه**: ذ. راتو ڪو پيتل شراب.
– **بادهِ ڪُش گُسار**: ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
– **بادهِ گُلرَنْگ**: ذ. ڳاڙهي رنگ جو شراب.
– **بادهِ نابْ**: ذ. نج شراب.
– **بادهِ نوش**: ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
• **بادي**: ث. [نـ باد = هوا] پيٽ جي هڪ بيماري ـ ريح. پيٽ ۾ هوا پرڻ جي حالت ـ آڦري ـ پرتي. پيٽ مان نڪتل واءُ ـ ٽٻ ڦوسَ. يوناني طب موجب هڪ 'طبيعت' جو نالو (آتشي. خاڪي. آبي. بادي). (صفت) ريح پيدا ڪندڙ ڪاڏو ـ هوائي ـ اجايو ـ بيسُود.
– **بادي چورْ**: ذ. ٻڪو جور ـ هاڙهو جور.
– **بادي ڳالهيُون ڪرڻ**: اجايون ڳالهيون ڪرڻ.
– **بادي واڻي**: ث. ريح ۽ سنڊن جي سُور جي بيماري. ڪُوڙ ـ گپوڙو.
• **بادِ يو** ج **بادِ يا**: ذ. [نـ باد = هوا] واڻي سوچ جو ڳوڙهو (جو گهوڙي جي ڪڇن ۾ نڪرندو آهي). [نـ باديه] نڪر جو ويڪرو ٽاڻ؛ (شراب رکڻ لاءِ). رڌو ۽ اُونهون پيالو (اڪثر پتل جو ٿهيل).
– **بادِيا گيڻ**: گهوڙي کي پيرن ۽ ڪڇن ۾ رس وارا گوڙها نڪرڻ (جن کان گهوڙي جون ننگون سُڄي پونديون آهن).

• **بادِيان:** ذ. [ف] سونڌ ـ وڏڻ.

– **بادِيان خَطائي:** ذ. بج جو هڪ قسم (جو سوونڌن جهڙو ٿئي. دوا ۾ ڪم اچي).

• **بادِيجي:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بادِيلو ج بادِيلا:** ذ. پرت جو هڪ قسم (پوتين تي پرجي) ـ بادلو.

• **بادِيه:** ذ. [ع] رڻ پٽ ـ صحرا ـ بيابان جهنگل.

– **بادِيه پيما:** ذ. صفت. ٽڪو ٽُهوڙو. مسافر.

– **بادِيه نَشين:** ذ. صفت. رڻ ۾ رهندڙ ـ رٿواسي ـ بدوي ـ صحرائي.

• **باذِريو ج باذِريا (ٽ):** ذ. صفت. ڪدڙو. خَصي.

• **باڏِ:** ٽ. جُوئر جو هڪ قسم "باڏِ ڪان مون بَس ڪئي، ههڙي جڏي جوار" (جام خان). پنگ جو هڪ قسم "پُراڻي مَڏ. باڏِ پنگ. گانڍجي پهرين سُوتَ ـ الخ".

• **باڏُهه:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باڏِي:** ٽ. [انگ. body] بدن ـ جسم.

– **باڏِي گارڊ:** ذ. بادشاهن يا وڏن حاڪمن جي ذاتي نگهباني ڪندڙ ـ خاص محافظ.

• **بارْ:** ذ. [ف. بار = وارو: سن. واڑه = وارو] پيرو ـ ڦيرو ـ دفعو ـ گهُمرو.

– **بارْبارْ:** ظرف. وري وري ـ هر هر ـ ڏري ڏري.

– **بارْگي:** ٽ. دفعو ـ پيرو ـ وقت "ڪ بارگي = هڪ دفعو".

– **بارْوبار:** ظرف. بار بار ـ وري وري ـ ڏري ڏري. تمام گهڻو.

– **بارْوِيرَ:** ظرف. بار بار.

– **بارْها:** ظرف. ڪيئن پيرا. اڪثري.

• **بارِ:** ٽ. [انگ. bar] شرابخانو ـ گُنبو. شراب ۾ ڪم ايندر ڳُڙ. پچرو. رکيلن جي پائيجاري.

• **بارُ ج بارَ:** ذ. [ف. بارْ = گهمرو. وزن: سن. پارَ < پُرْ = پَرڻ] بوجهو ـ وزن. لدو ـ سامان سڙو. ٻوجي ـ ڳٽڙي. رکيل ڪم. اُنبار ـ ڍڳ. گهٽائي. قرض. دربار ـ ڪچهري ـ عدالت (صفت) مصدر "باريدن" جو اَمر (جو اسم جي پٺيان اچي فعال جي معنيٰ ڏيندو آهي) ـ وَسائيندڙ "آتش بار = باهه وَسائيندڙ. اَشڪبار = ڳوڙها وَسائيندڙ. وغيره". [ع. بارْ] نيڪي ڪندڙ. خدا ـ ڏاڻي.

– **بارُ آڻڻ:** باهران مال آڻڻ. ڳرو ڪم آڻڻ. سفارش آڻڻ.

– **بارُ آوَرْ:** ذ. صفت. ڦَل ڏيندڙ (وڻ).

– **بارُ اُڇڻ:** مٿان زور پوڻ. ڳري سفارش اُڇڻ.

– **بارُ بَجا ڪرڻ:** مٿي ٽان بار لاهڻ. فرض ادائي ڪرڻ. توڙ نباهڻ. ڪوتاهي نه ڪرڻ "جن اَمانت ڪنئي عجالت سان. نه تن بَجا برهه جو ڪيو ڪُل بار" (فاضل شاه).

– **بارُ بَردارْ:** ذ. صفت. بار کڻندڙ ـ حمال. مزور. مَڏيءَ جو بارُ. سامان سڙو.

– **بارُ بَرداري:** ٽ. بار کڻڻ جي حالت. مزدوري ـ حمّالي. بُردباري ـ تحمّل. مسافريءَ جو خرچ ـ راهه خرچ. گاڏيءَ جو پاڙو.

– **بارِ ٻُوجِ بارِ ٻُو:** ذ. صفت. بار وارو ـ بار کڻندڙ. پريل ـ پرٻُو.

– **بارُ ٿيڻ:** ڳرو لڳڻ. سفارش جو مٿان زور پوڻ.

– **بارُ ٿي پوڻ:** اَڻ سُهائيندي تڪليف ڏيڻ.

– **بارُ پوڻ:** بوجو پوڻ. سفارش اڇڻ ـ چمڙو ڇواءُ ٿيڻ. ذميداري عائد ٿيڻ. چپ پوڻ. ٽورو ٿيڻ ـ احسان ٿيڻ.

– **بارِ خاص:** ٽ. خاص اجازت. دربار خاص.

– **بارِ خاطِر:** صفت. دل تي بار کندڙ. نه وٺندڙ. تڪليف ڏيندڙ.

– **بارُ خُدا:** ذ. [ع. بار + ف. خدا] **الله** تعاليٰ (وڏو ۽ نيڪوڪار).

– **بارْدار:** صفت. بار کڻندڙ. پيٽ سان ـ حامله. ڦروارو ـ ميوبدار.

– **بارْڏيڻ:** ڪنهن به شيءِ جي مٿان وزن رکڻ. ڏور ڏيڻ (پت ڪي).

– **بارْرکڻ:** ڪنهن کي لاءِ سفارش ڪرڻ. ذميداري سونڀڻ.

– **بارْسَهڻ:** ذميواريءَ جو ڪم سنڀالڻ. تڪليف سهڻ. بار کڻڻ.

– **بارِ عام:** ٽ. عام اِجازت. عام دربار.

– **بارِ ڳُرْ:** ڪنهن هَڏ وغيره جو ڳرو لڳڻ. بار سببان تڪليف محسوس ڪرڻ.

– **بارُ ڪَشْ:** ذ. صفت. بار چڪيندڙ. بار کڻندڙ ـ بارگير (وهت). مزور ـ حمال. گاڏي. (ٽ) بار ٻڌڻ جي رسي. ڪمربند. ڪَشُو ـ پٽو ـ تنگ.

– **بارُ ڪَٽڻ:** جوابداريءَ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪرڻ. ذميواري کڻڻ. مشڪل ڪم ڪرڻ جي هام هڻڻ "باري کڻن بار، ناهي ڪم ڪچن جو". تڪليف سهي پئي جي مدد ڪرڻ.

– **بارْگي:** ذ. صفت. بار ڏوئيندڙ (گهوڙو). عمدو ۽ طاقتور گهوڙو.

– **بارْگيرُ ج بارْگيرَ:** ذ. صفت. بار ڏوئيندڙ وهت (اَت).

– **بارْگيرِ ٿيڻ:** بُردبار ٿيڻ ـ وڏڙ ڳرڏو ٿيڻ.

– **بارُ لاهڻ:** ٽورو لاهڻ ـ احسان لاهڻ. ميار لاهڻ. جوابداريءَ جو ڪم سرانجام ڪرڻ. کو ڪم جوابداريءَ کان سواءِ ڪري ڏيڻ. جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. بيدليو ڪم ڪرڻ.

– **بارُ لَهڻ:** تڪليف لهڻ.

– **بارُوجهڻ:** ڪم جي تعميل لاءِ ڪنهن تي ڪا جواداري وجهڻ.

– **بارُور:** ذ. صفت. ميوبدار (وڻ). ڪامياب.

– **باري ج باري:** ذ. صفت. بار وارو ـ گرو. بار کڻندڙ وهت (اُٺ، ڍڳو وغيره).
– **باريابَ ج باريابَه:** ذ. صفت. [بار + يابْ < يافتن = لهڻ] اجازت پائيندڙ. مجلس ۾ داخل ٿيندڙ ـ درباري.
– **باريابَ ٿيڻ:** صحبت جو فيض حاصل ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ.
– **باريابي:** ث. حاضري ـ داخلا.
• **باران، بارَڻ:** اسم خاص. هڪ نئينْ جو نالو (جا ڪير ٽر جبل مان نڪري ڪوٽڙيءَ وٽ سنڌو نديءَ ۾ پوي ٿي) ـ نئن باران. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾).
• **باران:** ذ. [ف] مينْهنْ ـ برسات ـ بارش.
– **بارانو (ت):** مينهن تي ٽيل پوک ـ مينهاڻو.
– **بارانِي:** ث. مينهن تي ٽيل پوک ـ برسات تي ٽيل پوک. مينهن ۾ پُسڻ کان بچائيندڙ ڪپڙو. برساتي.
• **بارانو ج بارانا:** ذ. [فـ بارْ سن. پارَ + آنه] گرو بار. وڏي جوابداري ٻالي سُيس هوت جي. مثـ بارانو" (شاهه). باردانو. [فـ بارانه] چت جي وچينْ ڪاٺ ـ شهتير.
• **بارانِي، بارانو ج بارانا، بارانا:** ذ. [سن. پارَ + آنه] نندڙو تابوت (جو هندو ڪنهن وڏي ڏينهن تي جلوس سان ڪڍ ڪنداآهن) ـ بحرانو.
• **بارْبَدْ:** اسم خاص. [ف] خسرو پرويز جو مشهور راڳيندڙ. هڪ ساز جو نالو ـ بُربط.
• **باربُڙ:** ذ. صفت. [ف] بار نيندڙ. حمّال ـ مزور. بارگير وهت. [انگ. barber] حجام ـ نائي.
• **بارِ جاه ج بارِجايُون:** ث. [ف] بخش ڪيل زمين.
• **بارْحَهْ:** ث. [ع. بارحه: هـ. بيرْهه] بيڑو ـ وڏي ٻيڑي.
• **بارْخانو ج بارخانا:** ذ. [فـ بار + خانه] گدام ـ ياندو.
• **بارِدْ:** ذ. صفت. [ع] ٺڏو ـ سرد.
• **بارِدانو ج بارِدانا:** ذ. [فـ بار + دان] بار رکڻ جو ٽانڊ. ڳُوڻ ـ بوري. وڏو ٿيلهو. زمين جي پيدائش (اَنّ، ڦٽيون وغيره) توري ڪٽڻ لاءِ ڳوٽيون. برڪيون. وغيره سامان. بورڇياڻي جو اسبابـ
• **بارْڏو:** ذ. [ف] پساڻگي ڪاٺي (جنهن سان ميويدار شاخ کي ٽيڪ ڏجي).
• **باردو ج باردا (ك):** ذ. ٽانڊ جو هڪ قسم ـ تامي جو بهڪڙ ـ داٻلو.
• **بارش ج بارشُون:** ث. [فـ باريدن (= وسڻ) > بارش] برسات ـ مينْهن.
• **بارڪ ج بارڪُون:** ث. [انگ. barrack] فوجي سپاهين جي رهڻ جي جاءِ. چانوڻي ـ لشڪر گاهه.
• **بارڪَ اللّٰه:** جملو. [ع] دعا جو ڪلمو "اللّٰه (توکي) برڪت ڏئي!".
• **بارْڪ زَئِي:** اسم خاص. دُرّاني پٺاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بارگاه ج بارگاهُون:** ث. [ف] درگاه ـ آستان. اجلاس جي جاءِ ـ دربار ـ ڪچهري. (اسم خاص) تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بارگهه ج بارگهون:** ث. بارگاه - بادشاهي دربار "باغ بالائون بارگهون قلعا ڪجهريون ڪوٽ" (قطب شاه).
• **بارِلو ج بار لا (ث):** ذ. ڳڇيءَ ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو ڳُهڙ (جو گهٽو ڪري چانديءَ جو ٺهرائيندا آهن).
• **بار ميرا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٽرپارڪر ۽ جي اصل 'باهڙميرا' جا آهن).
• **بارَڻ:** اسم خاص. باران (نئن). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بارو ج بارا:** ذ. [سن. پارَ = بار] احسان ـ ٿورو (جو اَڪلو پاڻ تي بار سمجهي). گناهن جو بار. پارت (ڪر جي) ـ تاڪيد. رَڄَ کي پائيءَ ۾ هيٺ تي چڪي بيهارڻ لاءِ ٻڌل پٿر (ک). (صفت) گرو ـ پاري ـ وزني.
– **بارو رکڻ:** ڪنهن ڪر جي تڪميل لاءِ بار رکڻ. تاڪيد ڪرڻ.
– **بارو ڪاڻڻ:** ڏمو ڪاڻڻ.
– **بارو ڪٽڻ:** ڪنهن ڪر جي تڪميل لاءِ ذميواري ڪٽڻ. احسان ڪٽڻ ـ ٿورو ڪٽڻ.
• **بارُو:** ذ. ديوار ـ قلعي جي پٻ. [هـ] بارُوٽ.
• **بارُوتُ، بارُودُ ج بارُوتَ، بارُودَ:** ذ. [ترڪي. ف] گندرف وغيره مان ٺهيل مصالحو (جو آتشبازي ۽ هٿيارن. جهڙوڪ بندوقن. توپن وغيره ۾ ڪم اچي) ـ دارُوڻ ـ آتشي مادو.
– **بارُوتِچِي ذ.** صفت. بارود ٺاهيندڙ.
– **بارُوتِخانو، بارُودِ خانو:** ذ. بارود رکڻ جي جاءِ ـ مخزن.
• **بارُوْ:** ز. [ف] وقت. دفعو ـ پيرو. معاملو ـ تعلق ـ واسطو. ديوار شهر پناه.
– **باري ۾:** ظرف. معاملي ۾. لاءِ ـ واسطي.
• **بارُها:** ظرف. [فـ بارُج بارها] ڪيترائي پيرا ـ ڪٽين دفعا.
• **باري:** ذ. [ع. باريءَ = خلقيندڙ] خالق ـ اُپائڻهار. (اسم خاص) ڏاڙهياري جبل تي هڪ درويش جو نالو "باري بيرَ".
– **باري تعالىٰ:** اسم ذات. اَللّٰه تعالىٰ. خلقڻهار ـ اُپائڻهار
• **باري ج باري:** ذ. صفت. [سن. پارَ = وزن] بار وارو ـ گرو "بارَ برهه دا هو يا باري" (سجل). بار کڻندڙ وهت ـ لاڙو (اُٺ وغيره).
• **باريچا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **باريڪ:** ڏ. صفت. [ف] سنهو ـ نفيس ـ نازڪ ـ لطيف ـ دقيق.
– **باريڪ آواز:** ڏ. صفت. سنهي آواز وارو ـ جيجاتي.
– **باريڪ بِين:** ڏ. صفت. سنهيون ڳالهيون جاچيندڙ ـ نڪته پرداز ـ رمز شناس ـ دقيقه رس ـ مُوشگافه. تيز فهم.
– **باريڪ بِيني:** ٿ. مؤشگافي ـ تيز فهمي. دقت.
– **باريڪ خيال:** ڏ. دقيق خيال. تيز فهم.
– **باريڪ راءِ:** ڏ. صفت. اُونهي راءِ وارو ـ باريڪ فهم.
– **باريڪِي** ج **باريڪيُون:** ٿ. سنهائي. نفاست ـ لطافت. نزاڪت. دقت. رقت. حرفت.
• **باڙُدانو** ج **باڙُدانا:** ڏ. ڏسو "باڙدانو".
• **باڙُدي** ج **باڙُديُون:** ٿ. [فـ باديه (= وڏو جَمن. اونهون پيالو) > بادله. بادلو > بادلي > بالدي > باڙُدي] بالٽي.
• **باڙُڪي** ج **باڙُڪيُون (ٿ):** ٿ. ڪَنن ۾ پائڻ جو هڪ گهڻ ـ والي.
• **باڙُ (ٿ):** ڏ. جانورن جو هڪ قسم. (ٿ) پوڙهي ٻڪري. (طنزاً) پوڙهي زال.
• **بازْ:** صفت. [فـ باخْتَن = کيڏڻ] اسم جي پڇيان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيکارينڊڙ "جان باز. دغاباز. وغيره".
• **بازَ** ج **بازُون:** ٿ. [فـ بازو] بانهن. عضو. ياسو. پکيءَ جي کنڀاڻي.
– **بازَ ٻڌڻ:** بي طاقت ڪرڻ.
• **باز:** ٿ. [ف] بازي ـ اثل. موٽ "تہ مورهين تنهنجو مڪرو. بالله نہ ڪائي باز" (قطب شاه).
• **بازِ** ظرف. [فـ بازْ] وري ـ موٽي. واپس ـ پوئتي ـ پٺتي. نئين سر.
– **باز آڻڻ:** ڪنهن ڳالهہ تان موٽائڻ. موٽائي سنئين راهہ تي آڻڻ. پوري پير تي آڻڻ.
– **باز آڻڻ:** ساڳئي پير تي موٽي اچڻ. پشيمان ٿيڻ ـ پڇتائڻ.
– **باز پُرس:** ٿ. پڇا ڳاڇا ـ تحقيقات ـ تقاضا ـ وٽ ٻڪو.
– **بازِپسين:** ظرف. پويون (وقت. پساهہ) ـ آخري (مهل).
– **باز رهڻ:** ڪنهن عادت کان پري رهڻ.
– **باز گَشْت:** ٿ. ساڳيءَ ڳالهہ ڏي موٽڻ. واپسي ـ مراجعت.
• **بازْ** ج **بازْ:** ڏ. [فـ بازْ] ۱. شڪاري پکين ۾ جو عام جنسي نالو ۲. ٿ. شڪاري پکين جي خاص جنس جو نالو. باز مادي ڏُرو نر. "هٿان چڏ مَ باز. هاري حقيقت جو" (شاه).
– **باز بحري:** ڏ. "باز" جو هڪ قسم "برهہ جا باشا بچائي. باز بحري بيشمار" (نور محمد).
– **بازدارَ** ج **بازدارَ:** ڏ. باز ڏارينڊڙ ـ باز سان شڪار ڪنڊڙ.
– **بازداري:** ٿ. بازن جي نگهباني. بازن پالڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو هنر.
– **باز گِيرَ** ج **باز گِيرَ:** ڏ. صفت. باز جهلينڊڙ. نوڪر ـ خدمتگار. پوليس جو اهو گهوڙيسوار جنهن وٽ گهوڙو پنهنجو نہ هجي.
– **بازگهاهہ (لس):** ڏ. باز پکيءَ جو گهائل شڪار (جو مٿي آڏامي نہ سگهندو آهي. پر هيٺ لِکڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو پجندو آهي).
• **بازار** ج **بازارُون. بازارِيُون:** ٿ. [پراڻي فارسي. آبا = مال + زار = جڳهہ] دڪانن جي قطارن وارو هنڌ (جتي هر قسم جي خريد فروخت ٿئي). واپار جي جاءِ. دڪانن وارو ڳوٺ "رهمڪي بازار" (راهما قوم جي واپار جو مرڪز يا ڳوٺ. جو ٽپارڪر ضلعي ۾ آهي). مارڪيٽ ـ منڈي. جنس جو اڳهہ. سودو.
– **بازار آڪري ٿيڻ:** اڳهہ چڙهڻ ـ مهانگائي ٿيڻ.
– **بازار بند رهڻ:** واپار نہ هلڻ.
– **بازار تيز ٿيڻ:** اڳهہ چڙهڻ ـ مهانگائي ٿيڻ. واپار جو چلتو ٿيڻ.
– **بازار ڏڏي ٿيڻ:** شين جا اڳهہ گهٽجي وڃڻ ـ بازار موڙي ٿيڻ.
– **بازار جي مِلائي:** محاورو. هر ڪنهن جي استعمال جي شيءِ. عام شيءِ جنهن کي ڪير سو خريد ڪري.
– **بازار جُدا جُدا ٿيڻ:** جُدا جدا دڪاندارن کان اوڏر تي شيون خريد ڪرڻ.
– **بازار چڙهڻ:** اڳهہ چڙهڻ ـ مهانگائي ٿيڻ.
– **بازار ڪُجهڻ:** شهرن جون گهٽيون گهمڻ. اجايو رلڻ پنڻ.
– **بازار ڪِرڻ:** اڳهہ لهڻ ـ قيمت گهٽجڻ. سستائي ٿيڻ.
– **بازار ڪري اُڇڻ:** خريد فروخت ڪري اڇڻ.
– **بازار گَرم ٿيڻ:** اڳهہ چڙهڻ. واپار جو جڳو چلتو ٿيڻ ـ بازار ۾ خريد فروخت تيز ٿيڻ.
– **بازار لاڙڻ:** ذادي ڳالهائڻ ـ لڙ ڪرڻ.
– **بازار لڳائڻ:** هٽ پکيڙي ويهڻ ـ دڪان هٽڻ. شيون يا تبڙ چڙوچڙ ڪري چڏڻ.
– **بازار لهڻ:** شين جا اڳهہ لهڻ. سستائي ٿيڻ.
– **بازار مانِي. موڙي. موڳِي ٿيڻ:** شين جا اڳهہ گهٽجڻ. واپار گهٽ ٿيڻ.
– **بازاري** ج **بازاري:** ڏ. صفت. بازار جو ـ بازار سان واسطو رکندڙ. هالو چالو ـ رواجي. عام. رولو ـ اوباش ـ بدچال.
– **بازاري بولي:** ٿ. بگڙيل بولي.
• **بازْدارَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بازدارَ** ج **بازدارَ:** ڏ. باز ڪي سنيالينڊڙ. شڪار ڪرائينڊڙ.
• **بازرِينگ (ل ڪ):** ٿ. [بلوچي. باز ريڱ] پکائين ۾ جت جي ڏنگ (پڇاڙيءَ) واري ڏري.

• **بازَرِ ج بازَرُونْ:** ث. بازار.
– **بازَرْگانْ:** ذ. صفت. واپاري ـ وٹجارو ـ سوداگر.
– **بازَرْگاني:** ث. واپار ـ تجارت.
• **بازگُنْدو:** اسم خاص. اُنڙيورجي پر ۾ هڪ مڪان جو نالو.
• **بازِنْدو ج بازِنْدا:** ذ. صفت. [ف. بازنده] راند ڪندڙ ـ راندیگر ـ کيڈاري. کيڈ ڪندڙ. هنرمند. بازيگر. عشق جي راند ۾ سر گهورڻ وارو "بازي بازندن کي. آهي هڪ عضوو ـ اُويسار" (شاه).
• **بازُو ج بازُو:** ذ. [ف. بازو. سن. باهُو] هڪ عضوو ـ بانهن. پکيءَ جو پک ـ کنيڑاتي. لشکر جي پاسي وارو دستو. پاسو ـ پهلو. قوت ـ زور. شگ واري عورت. بانهن. مددگار ـ سائي ـ همراهه. مقابل. سرجهلائو.
– **بازو بازو گَرْ:** ٹڪرا ٹڪرا ٹڪرا ڪرڻ.
– **بازو بَنْدُ ج بازو بَنْدَ:** ذ. بانهن جي مٿئين حصي ۾ پڌڻ جو هڪ زيور (لڏندڙ جهومڪن وارو ٹئي ۽ نونڊ جي مٿان پڌجي) "ويو باروجو نڪري. پڇي بازو بند" (شاه). بانهن رَکي ـ تعويذ.
– **بازُو پڇي، ٹڪي پوڻ:** پاڻ يا مددگار فوت ٹيڻ.
– **بازُو دراز:** ذ. صفت. ڏاهين بانهن وارو. دراز دست. ظالم.
• **بازي ج بازيُونْ:** ث. [ف. بازي ← باختن = کيڈڻ] راند. کيل ـ تماشو. کرتب ـ هنر ـ کاريگري "برقعان اندر بازيون. پنهنجهيون سپ پڇاء" (شاه). کبوتر جو پلٹو. داءُ ـ چال. گوه ـ شرسي. سوپ ـ فتح. جالاکي ـ کيڈ ـ اٹڪل "سوناوان صراف سين. بازي پڇي چڏ" (شاه). نگي ـ دوکو. شرط ـ ن.
– **بازي خورَ ج بازي خورَ:** ذ. صفت. اٹڪل ڪندڙ ـ اَٹڪلي ـ ڏوتي باز.
– **بازي ڏيڻ:** اَٹڪل يا نگي ڏيڻ وڃڻ.
– **بازي ڪَڍڻ:** راند ڪڍڻ. گوه ڪڍڻ ـ شرسي ڪرڻ.
– **بازي کيڈڻ، کيلڻ:** هنر حرفت سان راند ڪرڻ "کيڈن برهه جي بازي. حاصل کياٹون حال حقيقي" (عبدالله فقير ڪاتيار). شرط جو داءُ هڻڻ.
• **بازيار:** ذ. هاري.
– **بازيگاه:** ذ. راند ڪرڻ جي جاءِ ـ آکاڙو.
– **بازيگَرَ ج بازيگَرَ:** ذ. صفت. بازي ڪندڙ ـ تماشو ڪندڙ ـ مَداري. راندیگر کيڈاري. هنر وارو. (ث). بازيگرڻ. بازيگَرَٹي.
– **بازيگَري:** ث. بازيگر جو ڏندو. راند جو هڪ قسم ـ پلٹيبازي. کيل تماشو.
– **بازِيندَ ج بازِيندا:** ذ. (ف. بازنده) پلٹو کيڈندڙ. سَنو کيڈاري. راندیگر. دمباز ـ نگ.
– **بازي هارائڻ:** شرط هارائڻ. شڪست کائڻ ـ مات ٹيڻ.
– **بازي وڃڻ:** تماشو ڪرڻ ـ کيل ڪرڻ.
• **بازيگر (ت):** ذ. جانورن جو هڪ قسم.
• **بازيگَرَ ج بازيگر:** ذ. صفت. [ف. باد = هوا + گير = جهڻيندڙ] جت ۽ هوا لاءِ چڌيل دري ـ منگهه. کبوتر جو هڪ قسم. پلٹا کائيندڙ کبوتر ـ ليٹ کبوتر. (اسم خاص) پَنتي پيل قومن مان هڪ قوم جو نالو (جي اکثري کيل تماشو ڏيکاري گذران ڪن. مُردن کي سنئون ويهاري پاسي کان حقو وغيره سامان رکي مٹان ڏکي چڏين. اکثر حيدرآباد ۽ لاڑڪاڻي ضلعي ۾ رهندا).
• **باسَ ج باسُونْ:** ث. [سن. واسَ] بَدبُو ـ ڏهِ خوشبوءِ "بَر مِرڙئي باسَ. چپر چَٹون موڪليون" (شاه). اگوات خبر ـ سماچار ـ اَهجاڻ "جڏهن پيئي باسَ. چپر هوت پنهون جي" (شاه). [سن. پاسَ = خواهش. آرزو] آچَ ـ سَکا ـ پيتا ـ نذر. مجتا ـ قبوليت.
– **باسارو ج باسارا:** ذ. صفت. باسُ وارو ـ بُوءِ وارو ـ ڏَهِرَ.
– **باسَ اَڇڻ:** ڏهِ اڇڻ ـ بَدبُوءِ اڇڻ. اگوات خبر پوڻ اَهجاڻ اڇڻ.
– **باسَ باسڻ:** مجتا مڃڻ ـ نذر باسڻ. سَکا ڪرڻ.
– **باسَ ٹيڻ:** ڏهِ ٹيڻ.
– **باسَ پوڻ:** باس اَڇڻ. تيت پوڻ.
– **باسَ ڪرڻ:** ڏهِ ڪرڻ ـ بدبوءِ ڪرڻ. ڪنو ٹيڻ.
– **باسِي ج باسِي:** ذ. صفت. ڏهِ وارو ـ بَدبودار. گهٹي وقت جو رکيل (کاڏو وغيره جو ڏهِ ڪري ويو هجي). باروٹو.
• **باسْتانْ:** ذ. صفت. [ف] پُراڻو ـ جهونو ـ ڪُهنو.
• **باسْتِي (ت):** ث. باهه ـ اگني ـ جوت.
• **باسْپَتِي، باسْتَتِي:** ذ. خوشبودار جانورن جو هڪ قسم.
• **باسِڪاري ج باسِڪاريُونْ:** ث. [سن. ويس = هلڻ. ڪرڻ + ڪاري] آڏاڻي جي پيرڙين وارين ڪانين مان هڪ ڪاني (جا تاجي. جي تندن کي هيٺ مٹي ڪري).
• **باسِني ج باسِنِيُون (ث):** ث. چمڙي يا ڪپڙي جي ڳوٹڙي جنهن ۾ ٻُسا وجهي چيلهه سان بڌندا آهن ـ بَدي ـ واسڪي.
• **باسَڻ:** مصدر. [سن. پاسَ = ظاهر ڪرڻ. چمڪڻ. ظاهر ٹيڻ] ڏَسڻ ـ ٻڌائڻ. سجي ڪرڻ. مجتا مڃڻ. قبول ڪرڻ ـ سر تي کڻڻ "ٻي ڪير گهڙندي قاف. هي بر برهمڻ باسيو" (شاه). (باسيو ـ باسيندو ـ باسيل).
– **باسَ:** ث. قبوليت ـ مجتا. سجي. خواهش ـ آرزو.
– **باسائِنْ:** مصدر "باسڻ" مان متعدي بالواسطه قبول ڪرائڻ ـ مجائڻ.

– **باسجَنْ:** مصدر "باسڻ" مان فعل مجهول. ٻڌائجڻ. سڃي ٿيڻ.

• **باسَنْ ج باسَنَ:** ذ. [سن. واسَنَ] ٽانڊ ـ برتن.

• **باش:** اَمر. [ف. بُودَنْ > باش = هَج، رهه، ترس. ٿيءُ] مرڪب لفظن ۾ بجاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "خوش باش، شاد باش، وغيره".

• **باشا ج باشا(ڪ):** ذ. [ف. بادشاه: ترڪي. پاشا] پرڳڻي جو حاڪم.

• **باشِنْدو ج باشِنْدا:** ذ. صفت. [ف. باشنده ج باشِندگان] رهاڪو ـ رهندڙ ـ رهواسي.

• **باش، بانْشو ج باشا، بانْشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي (جو اصل ۾ "بَشين" جي مادي آهي. پر نالو مذڪر طور مستعمل اٿس. اڪيون پيليون. باز کان ننڍو ٿئي) ـ ڇڙي باز. (accipiter nisus) sparrow hawk.

• **باشِي ج باشِي:** صفت. [سن. واسِي < وَسْ = رهڻ] رهاڪو ـ باشندو.

• **باصِرَهْ:** ث. [ع. بَصَرَ = هن ڏانو] ڏسڻ جي قوت ـ بينائي. اک.

• **باصِري ج باصِري:** صفت. [بَصَرَ > باصري] بصر ۾ رڌل (جانور) ـ خُشڪا. بصر وڪٽندڙ يا پوکيندڙ. پيازي (رنگ).

• **باطِلْ:** ذ. [ع] ناحق. ڪوڙ. (صفت) ڪوڙو ـ ڪوتو. بي اصل. بي اثر.

– **باطِل پرست:** ذ. ڪوڙ جو پوڄاري. ڪافر. گمراهه.

– **باطِل پرستي:** ث. ڪفر. گمراهي.

• **باطِنْ ج باطِنْ:** ذ. [ع] ڳجهه ـ راز ـ منجهه ـ اندر. (صفت) ڳجهو ـ مخفي ـ لڪل. (اسر خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **باطِن بِين:** ذ. صفت. شين جو اندر پرکيندڙ، جوکسيءَ سان ڏسندڙ.

– **باطِن جو بانو ڊيڪارڻ:** اندر جو رنگ ڏيکارڻ ـ اندر جا عجائب ڏيکارڻ "تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا" (شاهه).

– **باطِني:** ذ. صفت. ڳجهو ـ لڪل ـ مخفي.

– **باطِنيه:** ذ. اسماعيلين جو هڪ ڳجهو طريقو (جي قرآن مجيد جي لفظن مان باطني معنائون ڪيندا آهن).

• **باطُنْ:** ذ. [ع. باطن] اندر ـ منجهه. ڳجهه ـ راز. ضمير.

– **باطُني:** ذ. صفت. ڳجهو ـ مخفي ـ لڪل.

– **باطُني خبرون ڪرڻ:** ڳجهه جون ڳالهيون ڪرڻ. الهامي خبرون ڪرڻ. اڳڪٿيون ڪرڻ.

• **باعِثْ:** ذ. [ع. بعثَ = هن موڪليو] سبب ـ ڪارڻ. اصل حقيقت ـ بنياد. (صفت) بانيِ. ايجاد ڪندڙ ـ موجد.

• **باغْ ج باغْ:** ذ. [ف] گلن ۽ ميويدار وڻن جو مجموعو. بُستان ـ چمن. (اسر خاص) تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **باغات ج باغاتُون:** ث. گهڻا باغ.

– **باغِ اِرَمْ:** اسر خاص. "شداد بن عاد" ڪافر جو باغ (جو استعاري طور "باغ اِرم" يعني "بهشت جو باغ" سڏيو ويندو آهي).

– **باغاني ج باغاني:** ذ. صفت. باغ پوکيندڙ ۽ سنڀاليندڙ ـ آرائين ـ مالهي.

– **باغْ باغْ:** صفت. خوش ـ سرهو ـ گد گد.

– **باغْ باغ ٿيڻ:** حد کان وڌيڪ خوش ٿيڻ ـ گد گد ٿيڻ.

– **باغْبانْ ج باغْبانَ:** ذ. صفت. باغاني ـ آرائين ـ مالهي. (اسر خاص) آڳاٽي قتل هڪ تاريخي شهر جو نالو (جنهن جا آثار تعقلي دادوءَ ۾ آهن. ۽ جتي مخدوم بلاول رحه جو مقبرو آهي).

– **باغْباني:** ث. باغ سنڀالڻ ۽ پوکڻ جو هنر. 'باغبان' جو ڏندو.

– **باغ بَهار:** صفت. سرسبز ـ آباد. رونق وارو. خوش ـ سرهو.

– **باغَ جي مُوري هڻڻ:** ڪنهن ليکي يا ڳڻپ ۾ نه هڻڻ.

– **باغِ عَدْن:** ذ. بهشت جو باغ.

– **باغِيچو ج باغِيچا:** ذ. [ـ باغيچه] ننڍو باغ ـ چمن.

– **باغينْ ٽُوٽينْ لڳڻ:** پنهنجي ڪم سان لڳڻ. پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهڻ. پنهنجي وَسائڻ.

• **باغِي ج باغِي:** ذ. صفت. [ع] بغاوت ڪندڙ ـ سرڪشي ڪندڙ. قائم ٿيل حڪومت جو مخالف. مُلڪي ڏوهاري. مخالفت ـ پري پجندڙ "فلاڻو انهيءَ ڪم کان باغي آهي".

• **بافِتو ج بافِتا:** ذ. [ف. بافْتَنْ (= اُڻڻ) > بافْتَه = اُڻيل] سوٽي ڪپڙي جو قسم. ڪبوترن جو هڪ رنگ.

• **بافِنْدَهْ:** ذ. صفت. [ف] اُڻندڙ ـ ڪوري.

• **بافِنْ:** مصدر. [ف] اُڻ "بافيندڙ ان پار جا شرفت سان اڻن" (خانڦري) (بافيو – بافيندو – بافيل).

• **باقِرْ:** ذ. [ع. باقِر = پيٽ ڦاڙيندڙ] شينهن. علم ۾ ماهر. (اسر خاص) اِمام محمد بن علي (زين العابدين) بن حسين (رضه) جو لقب. مرد جو نالو.

• **باقِراڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه. اسٽيشن ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **باقِرخانِي ج باقِرخانُيون:** ث. هڪ قسم جي مانيِ (جا ڪنڊ. گيهه ۽ ڪير ۾ ڳوهيل ميدي مان ٺاهي تنور ۾ پچائيندا آهن. 'نواب باقر خان' جي فرمائش تي تيار ڪرڻ سبب مٿس اِهو نالو پيو). مِلو روٽ ـ شيرمال.

• **باقِرو:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باقل، بَقل:** ذ. گل – قُل.

• **باقِلا:** ذ. [ع. باقِلاء، باقِلي، باقِلىٰ] مٽر جون ڦريون. راڻهان ـ جونڙا (پاڪي).
– **باقِلائي:** ذ. صفت. جٽا ڳوڙا وڪڻندڙ.
• **باقي:** ٿ [ع] بقايا. بچت. پاڇي. (صفت) هميشه رهندڙ ـ جٽاءُ وارو. دائم قائم. "فاني" جو ضد. بقاءَ وارو. (اسم خاص) "الله" جو هڪ صفاتي نالو "هُوَ الْباقي". (حرف جملو) پر ـ مگر.
– **باقِيات:** ٿ [باقي ج باقيات] رهيل بقايا. بچت پاڇي.
– **باقِياتِ صالِحات:** ذ. نيڪ عمل (جي هميشه رهندا).
– **باقِيدارُ ج باقِيدارَ:** ذ. صفت. جنهن وٽ بقايا رهيل هجي. جو بقايا نہ ڏئي. قاصر. حساب چور.
– **باقي رکڻ:** بچائي رکڻ.
• **باڪ ج باڪَ:** ذ. [ف] ڊپ ـ خوف "بيباڪ = بيخوف". [سن. واڪْ=واڪ] واڪ ـ وچن ـ زبان بولي.
• **باڪرَهْ:** ٿ [ع] آڻ پرٽيل (چوڪري) ـ ڪُنواري.
• **باڪري ج باڪري:** ذ. صفت. [ع. بَقال = پاڇي وڪڻندڙ] ميوو ۽ پاڇي وڪڻندڙ ـ سبزي فروش.
• **باڪس ج باڪس:** ذ. [انگ. box = پيٽي] تيلين جي پڙي ـ ماچيس.
• **باڪو:** ذ. صفت. ڏسو "بانڪو".
• **باڪو ج باڪو (ت):** ذ. صفت. [سن. واڪْيَه] ٻٽي جي چورٽ تي چوري ٽيل مال جي خبر ٻڌائيندڙ ـ ڀُوٽت. بکندڙ ـ بکبکيو.
• **باڪ ج باڪُنْ:** ٿ [س. پاسَ < پا = چمڪڻ] سڄ اُپرڙ کان اڳ آسمان ۾ روشني "شمع باريندي شب. پرهه باڪون کديون" (شاهه). صبح صادق ـ پرهه ڦٽي.
– **باڪ لڏڻ:** پرهه ڦٽڻ ـ فجر ٽيڻ.
– **باڪ ڦٽي:** ظرف. پرهه ڦٽي، جو ـ پريات جو.
– **باڪ ڪيڻ، ڪڍڻ:** پرهه جي روشني ٽيڻ. پريات ٽيڻ.
• **باڪرَ ج باڪرَ:** ذ. باڪرَ ـ پانڪڙ (وڻ).
• **باڪرو:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم ـ بکرو.
• **باڪرُو ج باڪرُو:** ذ. صفت. بَکرجو ـ بکر (شهر) ج رهاڪو.
• **باڪري ج باڪريُون:** ٿ. [گجراتي] ننڍڙي مائي ـ لولي ـ ڪوڪي.
• **باڪريجي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۽ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڪڙ ج باڪڙَ:** ذ. صفت. چوٽي، چانگيل (وڻ). ٻنن چٽيل ـ ٽوڙهو ـ پانڪڙ.
• **باڪوڙا:** اسم خاص. لس ٻيلي طرف مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (جنهن مان "وَتَ باڪوڙو" شاعر ٿي گذريو آهي).
• **باڪوَ:** ذ. [ف] ڊپ ـ خوف "بيباڪ = بيخوف". [سن. واڪْ=واڪ] واڪ ـ وچن ـ زبان بولي.
• **باڪوڙو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڪيوچ باڪيا:** ذ. [سن. پا = چوڻ] زباني وعدو ـ زباني قول.
• **باگارُ ج باگارَ (ٿ):** ذ. بَڳرُ.
• **باگاڻا:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه ۽ مڪان جو نالو.
• **باگهڻي:** اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگِراڻي:** اسم خاص. تالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• **باگڙ:** اسم خاص. لس ٻيلي طرف هڪ ڏوري جو نالو.
• **باگڙ:** ذ. [بَگو (= سفيد) > باگڙ = اَڇائيندڙ] مصري يا آمريڪي ووڻ ۽ اُن جي ڦٽي (جنهن جي ڪپهه سنڈي ووڻ جي ڪپهه جي پيٽ ۾ زياده سفيد ٿئي). (صفت) بگاڻ (اَڇاڻ) تي مائل رنگ وارو جانور (ڳئون يا ٻکري). ڪڪ جو هڪ قسم.
• **باگڙجي:** اسم خاص. سکر ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **باگڙدلو:** ذ. صفت. لڄ ـ بدمعاش.
• **باگڙي:** اسم خاص. هڪ خانه بدوش گهٽ ذات (جي مُردار کائيندا آهن) ـ شڪاري ـ واگهڙي.
• **باگو ج باگا:** ذ. گهوٽ جي ڪپڙن جو رڳو. (اسم خاص) مرد جو نالو (انهيءَ نالي سان "مير باگو خان" مشهور ٿيو. جنهن "سنڌ راڻي" سان شادي ڪئي هئي. ۽ تندو باگو شهر ٻڌايو هو).
• **باگو ج باگو:** ذ. واڱون ـ واگهو "بيحد باگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار" (شاه).
• **باگواهَ:** اسم خاص. هڪ واهه جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگوڙو (ٿ):** ظرف. "بگاڻ" يا اَڇاڻ جو وقت سويرو ـ سويل.
• **باگوڻهو:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگو وگهاڻل:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باگي ج باگيُون (ٿ):** ٿ. گيهه جي ڏهي کي مٿان ٻڌل ڏور.
– **باگي ڏيڻ:** سٽ جي ڏوريءَ سان گيهه جي ڏهي جو ڏ ڪ قابو ڪرڻ.
• **باگيسري:** ٿ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو ـ پاگيسري.
• **باڱهَ:** ذ. پستا. بادامیون وغيره مغزات (معجون يا خوراڪ ناهڻ لاءِ).
• **بالَ ج بالَ:** ذ. [ف] ڪيءَ جي ڪنڍاڻي ـ بازو. مڇيءَ جو هڪ قسم. [سن. بالَ] بارَ. وارَ. [انگ. ball] ڪينهون ـ ڪينهوڙو.
– **بالَ چالَ:** ذ. ٽينگ ٽپا. ٽڪي ووڙ.

– **بال وپر:** ذ. کنب کنيڙاٽيون.

• **بالا:** صفت. [ف] مٿانهون ـ بلند ـ اوجو. (ذ) قد ـ قامت. چوتي.

– **بالابين:** ذ. مٿان نهاريندڙ "جا هنيائين هٿن سين. سا سُٹي بالابين" (شاه).

– **بالاٻُڌ:** ذ. پٽڪو ـ پگ. مٿيون کپڙو.

– **بالاڏنگ:** ذ. هني تي رکيل گاشي کي قابو ڏيڻ وارو چر جو پٽو.

– **بالا پوش ج بالا پوش:** ذ. سوڙ. لحاف. پلنگ پوش. باهريون کپڙو. غلاف. جهل (گهوڙي جي). اوورکوٽ ـ لبادو.

– **بالاخانو ج بالاخانا:** ذ. جاءِ جي مٿان اڏيل صُفو. چت تي اڏيل کولي.

– **بالاخواني:** ث. مبالغو. بيحد تعريف.

– **بالادَسْتَ ج بالادَسْتَه:** ذ. صفت. عملي جو مٿيون عملدار. وڏو عملدار ـ وڏو آفيسر. زبردست آفيسر. غالب "زبردست" جو ضد.

– **بالادَستي:** ث. زوراوري. رشوت.

– **بالانشين ج بالانشينُ:** ذ. صفت. مٿانهين، جاءِ تي ويٺل. مٿانهين، جڳهه تي ويهندڙ. صدر. عُمدو "ڪم خرچ. بالانشين" (پهاڪو).

– **بالاوِهْڻ:** ذ. هيٺ ۽ مٿي. زمين ۽ آسمان. جهان.

– **بالاهِمّت:** ذ. صفت. وڏي همّت وارو. دريادل.

– **بالائي ج بالائي:** صفت. مٿيون ـ مٿانهون. اڳتل وارو. وڌيڪ ـ سرس ـ زياده. (ث) ملائي. (کير جي).

– **بالائي آهلني:** ث. مقرر پيدائش کان وڌيڪ آمدني.

– **بالائي طاق:** صفت. يري ـ الڳ.

• **بالاچ ج بالاچ:** اسر خاص. مسمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. مردن جو هڪ نالو.

• **بالاڻي:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (جت قوم جي هڪ قبيلي جو نالو).

• **بالاسارَ ج بالاسرُونْ (ت):** [ع. بِالْعُسْرِ = ڏکيائيءَ سان. تڪليف سان] تڪليف ـ ڏک. ڪاهي ـ ڪنڊ.

• **بالٻي، بالڊي ۽ بالٻيُون، بالڊيُون:** ث. ڏسو "باڙدي".

• **بالِش:** ث. [ف] وهاڻو ـ تڪيو. مسنَد.

• **بالِشْتَ ج بالِشْتُون:** ث. [ف] گرانٽ.

• **بالِغ ج بالِغ:** صفت. [ع] جوانيءَ کي رسيل ـ سامايل جوان.

– **بالِغ نظر:** صفت. تجربيڪار. نڪته شناس. باريڪ بين.

– **بالغي:** ث. بالغ ٿيڻ واري عمر ـ بلوغت ـ جواني.

• **بالفِعْل:** ظرف. [ع] حال في الحال.

• **بالڪُل:** ظرف. [ع] پوريءَ طرح ـ ٺيڪ ـ پورو.

• **بالڪَني ج بالڪَنيُون:** ث. [انگ balcony] ماڙيءَ جي اڳيان وڌيل ٽکرو ـ ڇجهري.

– **بالَم ج بالَم:** ذ. صفت. [سن. وَلَبْ] پيارو ـ پرينءَ ـ محبوب. دلبر. دوست. عاشق. بيخوف ـ بيپرواهه. خوش ـ سَرهو. خاوند ـ مڙس.

– **بالم ٽي ويهڻ:** بيپرواهه ٿي ويهڻ.

• **بالَنگو:** ذ. [ف] هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو (نازبو جهڙو ٿئي).

• **بالو ج بالا:** ذ. [ع] مٿانهين ڪوٺي يا ڪمرو ـ بالاخانو. جاءِ جي مٿان اڏيل صُفو. پهران. لاڙ يا چولي کي گهيريدار ڪرڻ لاءِ کپڙي جو ڏَرُ. پاڳو ـ ٽَڪُ. سِڪي جو ٽپو. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **بالُو:** ذ. [ف] آگر ويڙهو. چيري (ميوو).

• **بالُوشاهي:** ث. [ف] مٺائيءَ جو هڪ قسم (مٺائيءَ جي نرم ٽڪي. جا 'بالوشاهه' حلوائيءَ جي نالي پنهنجي سڏجي).

• **بالَهُوَ:** ذ. "بالَم" جو اسر تصغير. محبوبڙو. گڏهن جي هڪ ذات.

• **باليدگي:** ث. [ف] ويجهه ـ واڌ. سارڪ. مغروري.

• **باليدِيرو:** اسر خاص. تعلقي ڪڪڙ جو هڪ ديهه جو نالو.

• **بالين:** ذ. [ف] وهاڻو ـ ڪُنڊَڪ.

– **بالين پَرَسْت:** ذ. صفت. آرام پسند ـ آرام گولينڊڙ.

• **بامْ:** ث. [ف. بام] ڇت. ماڙي ـ ڪوٺو ـ بالاخانو. [ف. بامداد] صبح ـ فجر ـ پرهه ڦٽي. روشني ـ تاب. راڳ جي هيناهون تار. ٽنلهه ۽ ڪهرو آواز. آسمان "آسمان تي هيءَ هُي، مُجري ۾ زهري جي ندا: بام تي منهنجو ڏسو ۽ هن جو زير بام رقص" (سانگي).

– **بامِ بَديع، بامِ رواق، بامِ قَراخ، بامِ وَسيع:** ذ. نائون آسمان (جو بين آسمانن کي ڦيرائي ٿو).

– **بامِ دنيا:** اسر اص. پاميرجو مٿانهون پٽ.

– **بامِ زماڻه:** ذ. هيٺيون آسمان.

– **بامگاه:** ظرف. صبح جو سوير.

– **بامِ گَردُون:** ذ. آسمان.

– **بامِ مَسيح:** ذ. چوٿون آسمان (جنهن تي حضرت عيسيٰ مسيح آهي).

– **بامَڙ:** ث. [سن. واما] زال ـ عورت. حسين عورت ـ نازنين "ڪنبوري جهانءَ جهڪي ڪئي. برهه سارينديِ بامَ" (جلال).

• **بامَڙ ج بامَڙ:** ذ. [انگ. balm] ڪافور. جاڻ وغيره جو عرق يا هرهر (جنهن سان مٺي جو سُور لهي ويندو آهي).

• **بامارَ ج بامارُون (ت):** ث. سنهون مينهن.

• **بامْبارَ ج بامْبارُون (ڪ)**: ٿ. وڏائي ـ هد ـ تڪبّر.
• **بامبولَ ج بامْبولُون**: ٿ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **بامداد**: ذ. [ف] صبح سوير ـ پرهه ڦٽي.
• **بامَن**: صفت. [سن. وامَن] ننڍي قد وارو ـ بندرو. جامڙو. (اسم خاص) وشنو پڳوان جو پنجون اوتار (جنهن جامڙي جو روپ ڌاري راجا بَلِيءَ کان ٽي قدم زمين جا دان طور گهريا هٿا).
• **بامِني**: ٿ. سهڻي عورت.
• **بامْني ج بامْنِيُون**: ٿ. [سن. وامني] بندري ـ جامڙي. گهوڙي.
• **بانْ**: ٿ. بيزاريءَ جو لفظ. [سن. باڌَهَ] توبهه ـ زاري ـ جانو. آڻ ـ هار ـ شڪست.
– **بانْ پوڻ**: جانو پوڻ. زاري ڪرڻ.
– **بانْ ڪرڻ**: پڇتائڻ. توبهه ڪرڻ. آڻ مڃڻ (راند ۾). بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ.
• **بانْ ج بانْ**: ذ. [سن. وَرْنَ = رنگ] رنگ ـ ورن. شڪل ـ صورت. خاصيت ـ گڻ. پوش ـ ڍڪ. چوغو. وڳو ـ لباس. [سن. بانْ] بانڻ ـ تير "عُقابيل اکين ۾. توکي باري بان" (شاهه). [ف] اسم فاعل مرڪب ٺاهڻ لاءِ هڪ پڇاڙي. بمعني رکندڙ ـ وارو "باغبان. دربان. وغيره".
– **بانْ بَري**: صفت. (بان = رنگ + بَري = برجو. مٽيءَ جو) مٽيءَ جي رنگ ـ پيوٽ ـ خاڪ آلود "ڪالهه ڳڏيوسين ڪاپڙي. بانُوبان بري" (شاهه).
• **بانا**: ذ. سيج. "آڏت ورن سج رين خورشيد بانا بانرارن آفتاب (ڏهسناموں).
• **بانات**: ٿ. [ھ] بنات جو ڪپڙو.
– **بانات فروش**: ذ. صفت. پشم فروش.
– **باناتي**: صفت. بنات جو ـ پشمي.
• **بانارَڻ**: مصدر. [سن. وداڻ] ڪاتيءَ سان گوشت جا ننڍا ٽڪر ڪرڻ ـ ٻوتيون ڪرڻ. (بانارِيو ـ بانارِيندو ـ بانارِيل).
• **بانانڱ ج بانانڱَ**: ذ. صفت. [سنڌي. پن ڱاڻ (=پنَ = رڄ + ڱاڻ = ڱاڻيندڙ)؛ فرينچ. بونا پارت (؟)] جيڪي اڃي سوڃڻي ڏيندڙ ـ رک رکان نہ ڪندڙ ـ بيپرواهه. بيغرض. دلير ـ بهادر. زوراور ـ جابر ـ ڏاڍو مؤس. جالاڪ ـ عيار. فضول خرچي ڪندڙ. پن کي ڱاڻي نڪري ويندڙ (مَڇ).
• **بانانو**: اسم خاص. تعلقي ڍڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بانْبِتو ج بانْبِتا**: ذ. بانْڀُتو ـ جهنڊو.
• **بانْبِرَجَ**، **بانْبُورِجَ** (ت ڪ): فعل مجهول. بمرجڻ ـ ڦُوڪجڻ ـ ڦُوڪجڻ. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ آڻڻ. وڏائي ڪرڻ. وڏو ٿيڻ. وڏن وگهڻن. (بانْبِريو ـ بانْبِريو ـ بانْبِريل).
• **بانْبِرُو، بانْبُرُو ج بانْبِرُوا**: ذ. [سن. وامَن = جامڙو] بازِ جي هٿن ۽ گوڏن تي ريڑهي. (صفت) هٿن پيرن تي ڪُهو ٿي ٻيهڻ ـ ڊوندڙو ـ ڪُبڙو.
– **بانْبِرُوا پائڻ**: (ننڍڙي بار جو) گوڏن ۽ هٿن تي رڙهڻ ـ ريڑهيون پائڻ. سُست ٿيڻ. ٽڪجڻ. سُجو ٿيڻ.
– **بانْبِرُوا ڏيڻ**: بانبِرُوا پائڻ ـ ريڑهيون پائڻ.
– **بانْبِرُو هلڻ**: ٻوڙي هٿن پيرن تي هلڻ. ترين پر هلڻ. ڊوندڙو ٿي هلڻ.
• **بانْبَهَ ج بانْبَهُوْنْ (ل)**: ٿ. [سن. و. انَ = گهر جي ديوار ۾ سوراخ] تمام وڏو ٽاڻ.
• **بانْبِهارَ ج بانْبِهارَ**: ذ. [سن. وانَ = گهر جي ديوار ۾ سوراخ] وڏو برڙ. ڄر. (صفت) تمام وڏو. ويران ـ پانْهاڙ.
• **بانْبِهارلهه**: برگهل ٿيڻ. ڦاٽڻ ـ جيرجڻ. سوراخ ٿيڻ.
• **بانْتَ ج بانْتَ (ت)**: ذ. ڏوهين جي اصطلاح ۾ ڪپڙن جو بدل مُجو.
• **بانْتو ج بانْتا**: ذ. [سن. وَيَجَيَنْتَ = وانْتو] بانْبتو ـ جهنڊو. مال جو چارو (ت).
• **بانْتَهَ، بانْتِيُون**: ٿ. هميشه جمع ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. ووٽن جون سُڪل ڪائينون ـ ووٽائينون. ڪچيءَ جا ڦرها (گهر ٺاهڻ لاءِ). لَيَن يا جارين جي لاڪَڙَ. لاباري ڪاٺ پوءِ سَنڊين جو ڊوباروا اوسر (خصوصاً ڪمند. نير. تماڪ. ووڻ وغيره). آڻ ڏوتل ريشم. ڪچو آڪارو. گهٽ درجي جو پٽ (پرت پرڻ جو).
• **بانْتَهَ**: اسم خاص. تعلقي ڍڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بانْتارَ ج بانْتارَ (ڪ)**: ذ. ڪاري رنگ جو ماڻهو.
• **بانْتَهَ ڇورو**: ذ. پَسارڪي وڪرجو هڪ قسم.
• **بانْتو ج بانْتا**: ذ. [ھ. بانْڊي] سونْتو ـ ڏَڪو ـ ڏندو "ڪامُون شهه مَ ڪرها. بانْتا ڪيم هٿاءِ". (شاهه عنايت).
• **بانْتي ج بانْتِي**: صفت. بچڙو. بگڙيل.
• **بانْتِي ج بانْتِيُون (ت)**: ٿ. ڏاڪڻ جي منجهيل ريڑهي. سادو ريشم.
• **بانْتِيري**: اسم خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بانْدِ**: ظرف. [فـ. بنده: سن. بَنْدَن = بڌڻ] باندي ـ بند ـ قيد ـ گرفتار ـ بڌل.
– **بانْدي ج بانْدي**: ذ. صفت. بند ٿيل ـ بند ۾ پيل ـ قيدي. پورهيت. گرفتار ـ پڪڙيل.
• **بانْداهو ج بانْداها (ت)**: ذ. ننڍو بُنڊ ـ ٻنو.
• **بانْدَرَ ج بانْدَر**: ذ. [سن. وانَر] مشهور جهنگلي جانور ـ وڏو پولڙو. (ث) بانْدري ج بانْدريُون.
– **بانْدَرو ج بانْدرا**: ذ. بانْدر. بانْدر جهڙو. بدمعاش.
– **بانْدر وانگر ٽجائڻ**: بيعزت ڪرڻ. تابعدار ڪرڻ. سخت ستائڻ.

– **بانْدري:** ذ. صفت. باندر وارو. باندر نچائيندڙ ـ پولائي.
• **بانْدرَ رو ۽ بانْدرُ رو:** ذ. صفت. بندر جو. بندر تي رهندڙ.
– **باندرو ڪُڙ:** ذ. ڪُڙ جو هڪ قسم.
• **بانْدرُ رو تاڙو ۽ بانْدرُ رو تاڙا:** ذ. (ٻيڙيءَ جو اصطلاح) 'ڪچي' ۽ 'اڌير' جي وچ ۾ لڳل ڍڳهي ڪاني (جا جهلڻ طور ڪم اچي).
• **بانْڊ ۽ بانْڊَ (س):** ذ. [ف. بانْ] باز.
• **بانس بانس:** ذ. سڄ.
• **بانْڊري ج بانْڊورِيُون (ڪ):** ث. گهرجي ٻڪ کان ڏڪل ڏڏو يا پٺر.
• **بانْس ج بانْسُونْ:** ث. [سن. واس] ڏُب ـ بوءِ. بدبوءِ.
– **بانْسارو:** ذ. صفت. بانس وارو ـ ڏب وارو.
• **بانْسَ ج بانْص:** ذ. [سن. وَنْش] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جون ڪائيون ڍڳهيون. بوريون ۽ ڪُرسيدار ٽين). بانْس جو لڪڙو ـ بمبوُ (bamboo). ڏهن فوٽن جو ڪاڇو.
– **بانْس تي چڙهڻ:** خوار ٿيڻ ـ بدنام ٿيڻ.
• **بانْسري ج بانْسرِيُون:** ث. [سن. وَنْشي] ساز جو هڪ قسم. وات سان وڄائڻ جو ڪائي‌ءَ مان ٺهيل سوراخدار ساز ـ بانْسلي ـ بَينسري.
• **بانْسُلي ج بانْسُلِيُون (ل):** ث. بانسري. واسٽي. ٻَٽون.
• **بانْسو:** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (ٻن ساوا. گل اڇا. سواد ڪڙو. دوا طور ڪم ايندڙ). ڪنهن به اوزار جو ڳڻ (ث).
• **بانْسِي ج بانْسِيُون:** ث. ڏسو "بانْسري".
• **بانْشو ج بانْشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي ـ باشو. (مجازاً) تيز رفتار وهت (گهوڙي ٻڌ). ڦوٽائيءَ سان ڪم ڪندڙ جوان.
• **بانْڪَ ج بانْڪ (ذ)، بانْڪ ج بانْڪُون:** ث. [سن. وَنْڪ] وادڪي يا لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (جو روات هٿ مهل ڪنهن شيءِ کي سوڳهو جهلي) ـ بانو ـ چابي. ونڱڻو. بيل گاڏيءَ جي نالي جي مٿئين حصي ۾ لڳل ڪاني. ڏڪيءَ جو وڪ. ڏنگائي ـ لڄائي. عيب.
• **بانْڪَ:** صفت. [سن. وَڙْڪَ] سينگاريل ـ سُهڻو "بانْڪَ بدن برق بهتر. دَراندر دَڇن دهاني" (سگهڙ).
• **بانڪ:** ث. تجلو "بانڪ بَدني برقئون بهتر. در عدن دڇن دهاني" (جلال ڪتي).
• **بانْڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْڪانير:** اسم خاص. بيڪانير (رياست) "ڪي جَنبيون جيسلمير ڏي. ڪي بانْڪانير ڀهار" (شاه: رسالو. هڪ پڙهڻي موجب).
• **بانْڪُرو ج بانْڪِرا:** ذ. ڪاٺ جو ٽينڊ.
• **بانْڪُلَ (ت):** اسم خاص. هڪ ديوي‌ءَ جو نالو (جنهن جي هندو چارڻ پُوجا ڪندا آهن).
• **بانْڪو ج بانْڪا:** ذ. صفت. [سن. وَنْڪ = ڏنگو. حرڪتي. ڏاهو] بهادر ـ پهلوان ـ سورهيه.
• **بانْڪو چورُ:** ذ. زبردست چور ـ هاڙهو چور ـ ڪاتڪو.
• **بانْگ ج بانْگُون:** ث. [ف] آواز ـ صدا ـ سڏ. نماز جو سڏ ـ اذان ـ بانگ. بانگي جو آواز.
– **بانگ ڏرا:** ذ. قافلي جي پهرئين اُٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏي ڇڙي جو آواز. قافلي جي هلڻ جو آواز.
– **بانگ ڏيڻ:** اذان ڏيڻ.
– **بانْگو ج بانْگا:** ذ. صفت. بانگ ڏيندڙ ـ مؤذن. تسبيح جي ٻنهي ڇيڙن کي ملائيندڙ ڍڳهو مڻيو.
• **بانْگا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْگي ج بانْگِيُون:** ث. [هـ. بانگي. سن. وَرْڻ + اِڪا] جنس ـ نمونو (سون وغيره جو. سونارو ڳهه ٺاهڻ وقت. مليل ڳهه مان سون ڌري ڪڍي پاڻ وٽ رکندو آهي يا ڏٽيءَ کي ڏيندو آهي. بعد ۾ ڳهه جو مالڪ اُن سون سان پنهنجو ڳهه ڪسوٽيءَ تي هڻي خاطري ڪندو آهي ته سون ساڳيو آهي يا نه).
• **بانْگهو ج بانْگها:** ذ. ٽنهي ڪائي (پارڻ جي) ـ چينهو ـ پانْگو.
• **بانو (نْ) ج بانا (نْ):** ذ. [سن. وَرْڻ] رنگ ـ ورن ـ روپ ـ عجائب "تو ڏيکاري تو ڏٽي. باطن حا بانا" (شاه). باهرين شڪل يا صورت. پوشاڪ ـ لباس. فقيرانو لباس. گهوڙي جي مُنهن تي سفيد هولهَ (ت). عجوبو. (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رُستمانين جي شاخ).
– **بانو بَدلائڻ:** ويس بدلائڻ ـ چمڙاپوش ڪرڻ.
• **بانو:** ث. [ف] شهزادي. خاتون ـ شريف عورت ـ سڪر زال. عورتن جي نالي پٺيان ڪم ايندڙ لفظ "اَرجمند بانو. نوشه بانو. وغيره".
• **بانُورتو ج بانُورتا:** ذ. [سن. وَنَجَيْنْت] جهندي جو ڪپڙو (جو هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪري) ـ بانٽو. بيرق ـ جهنڊو.
• **بانُورُ ج بانُورَ:** ذ. [ف. باوَر = اعتبار] هٽ ـ وڏائي ـ تڪبر ـ غرور "بانُور چاتي تو. ڪيوڙي ڪمزور آهه". پروسو (ته ڪو فلاڻو اثين ڪري سگهندو).
• **بانُورَڻ:** فعل مجهول. هٽ ڪرڻ ـ فخر ڪرڻ ـ شينگ ٽيڻ. (بانُوريو ـ بانُورتو ـ بانُوريل)
• **بانُورو ج بانُورا:** ذ. صفت. [سن. واتُول = واءُ پريل] ديوانو ـ سودائي. آلبيلو. (ث) بانُوري ج بانُوريُون.

• **بانورائي:** ث. جريائي ـ ديوانگي. البيلائي.
• **بانورائڻ:** مصدر. پٽيلائڻ. مست ڪرڻ. (بانورائيو ـ بانورائيندو ـ بانورائيل).
• **بانو لو ج بانورا:** ذ. صفت. [سن. وانَول] مست ـ ديوانو. سودائي. (ث) بانورلي ج بانورليون.
• **بانورلي ج بانورليون:** ث. [ترڪي. ف. باوَلي. باوَلي = ڏپ واري شيء يا جانور جنهن کي باز يا ڪتي اڇيان گهيلي. اُن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو وڃي] ننڍي باز کي شڪار ڪرڻ تي هيرائڻ لاءِ ڪنهن ڪتو يڪي ڪارائڻ. پيتي ـ لَب. قيري ـ پنواڻي. بازولي. ناز نخرو.
• **بانورلي ڏيڻ:** باز کي يڪي جهلي ڏيڻ ۽ شڪار ڪرڻ سيکارڻ. ڪنهن کي جڙتو بهاني سان برغلائڻ.
• **بانڻڻ. بانڻو ج بانڻا. بانڻيا:** ذ. [سن. وِيجَيَنتَ] جهنڊو ـ بيرق (جو ٻيڙيءَ يا جهاز ۾ واءَ جي رخ ڏيکارڻ لاءِ بدل هلي). (ث) بانڻي ج بانڻيون.
• **بانڻڻ:** ث. [سن. وِلَنْڊ = ڪسڻ. ڦرڻ] چتي ٻڪ ـ هيج. آٽاند.
• **بانيِ ج بانيون:** ث. [سن. واڻي] بانڀي ـ برلي. سُر ـ آلاپ "ٻروي جي بانيِ. ڪنهن کان سکيين سُهرين" (شاهه). [ع. بَنَي. بناءَ] سٽاءَ ـ سٽ ـ صلاح (ت). [بهانو > بانو > بانيِ] بهانو ـ سبب رک ـ ڦلهيار ـ چار (ث).
ـ **بانيِ ڏيڻ:** سٽ سٽڻ. بهانو ٻڌائڻ. ڪنهن کي ڪنهن لاءِ راغب ڪرڻ.
• **بانيِ ج بانيِ:** ذ. صفت. [ع] اُڏيندڙ. بُنياد رکندڙ ـ پايو وجهندڙ. ايجاد ڪندڙ ـ مُوجد. مهندار ـ اڳواڻ.
ـ **بانيِڪارُ ج بانيِڪارَ:** ذ. صفت. [ع. بانيِ + ف. ڪار] ڪم رٿيندڙ. سٽاءَ سٽيندڙ. مهندار. هوشيار.
ـ **بانيِ ٻڌائي:** صفت. پهريون بنياد وجهندڙ. شروعات ڪندڙ.
• **باڻاهَ ج باڻاهُون (لس):** ث. رات جي ڏڪار ـ ولهه.
• **باڻاهُ ج باڻاهَ (لس):** ذ.ص فت. هيبتناڪ ـ خطرناڪ طاقتور. (ذ) خالي ميدان.
• **باوَجُود. باوَجُوديڪ:** ظرف. [ف. با = سان + ع. وجود] تنهن هوندي به.
• **باوَرَ ج باوَرَ:** ذ. [ف] وڏائي ـ تڪبّر ـ هٺ ـ غرور. اعتبار ـ يقين ـ پروسو ـ آسرو.
ـ **باور ڪرڻ (ت):** تڪبّر ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ. اعتبار ڪرڻ.
• **باوَرچي ج باوَرچي:** ذ. بورچي.
• **باوَري. باوري:** ث. [ع. بِئرُ = ڪوهه. ف. باوَلي = ڏاڪن وارو ڪوهه] ويڑي ـ بائلي.
• **باوڙي ج باوڙي:** ث. [ترڪي. ف. باوَلي. باوَلي] ڏپ واري شيء يا جانور (جنهن کي باز يا ڪتي اڇيان گهيلي شڪار ڪرڻ سيکاريندا آهن). آتڪل ـ حرفت ـ ڪيڏ ـ فريبه. پنواڻي ـ قيري. بازيلي "ڏس نون باولي برهه جي بيدل" (بيدل).
ـ **باوَلي ڏيڻ:** ڪلابازي ڪائڻ. متي پر تبو ڏيڻ. شڪاري پکي (باز وغيره) کي شڪار جي اوائلي تربيت ڏيڻ. سيکارڻ ـ ڪيڙڻ.
• **باهِ ج باهِيون:** ث. [سن. بْرهِ. وَهْن] جيرو ـ اڳ ـ آتش "جن اندر بري باهِ. سُڌ سيکا اُن کي" (شاهه). گرمي ـ جوش. ڪاوڙ ـ غصو. [ع. باهِ] مردائي طاقت ـ مَردي. شهوت ـ جماع.
ـ **باهِ اُجهائڻ:** باهِ وسائڻ. نساد گهٽ ڪرڻ. شهوت مارڻ.
ـ **باهِ بارڻ:** فساد جاڳائڻ. ظلم ڪرڻ ڪرڻ.
ـ **باهِ باري ڏيڻ:** ڪڪ ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ. ڏاڍي تڪڙ ڪرڻ.
ـ **باهِ پڙڪائڻ:** جهيڑو جاڳائڻ.
ـ **باهِ تي تيل هارڻ:** ويتر وڌيڪ فساد جاڳائڻ.
ـ **باهِ چَندڻ:** اندر جي ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ. ويرونڻ.
ـ **باهِ تي چندو وجهڻ:** فساد ٽارڻ. جهيڑو ٽارڻ.
ـ **باهِ ٽيڻ:** تپي ڳاڙهو ٽيڻ. سخت ڪاوڙجڻ.
ـ **باهِ جاڳائڻ:** باهِ بارڻ. باهِ ڏڪائڻ. ڏيمي باهِ کي پڙڪائڻ. نساد مچائڻ.
ـ **باهِ جو گهنڊ:** ذ. باهِ لڳڻ وقت خطري جي اطلاع لاءِ وجندڙ گهنڊ.
ـ **باهِ ڏيڻ:** تيلي ڏيڻ. ساڙڻ ـ بارڻ. ڪوبه واسطو نه رکڻ. بن وجهڻ.
ـ **باهِ سوڙڻ:** باهِ ۾ ڪاٹيون سوڙڻ. باهِ جاڳائڻ.
ـ **باهِ ڪَڍڻ:** اندر جي خار ڪڍڻ. ڪاوڙ مارڻ.
ـ **باهِ ڪُري چَڙڻ:** تمام گهڻو غصو ڏيارڻ. سخت ڪاوڙائڻ.
ـ **باهِ لڳڻ:** ڪاوڙ لڳڻ. ساڙ ولڻ.
ـ **باهِ مارڻ:** ڪاوڙ ڪڍڻ. شهوت مارڻ. چوهه چندڻ.
ـ **باهِ مان پاڻي ٽيڻ:** سخت مزاج مان نرم دل ٽيڻ. ظالم ماڻهوءَ جو رحمدل ٿي پوڻ.
ـ **باهِ ۾ تَبو ڏيڻ. تَپي پوڻ:** ڏسي وائسي پاڻ کي مصيبت ۾ وجهڻ.
ـ **باهِ ۾ گيهه وجهڻ:** جهيڑو وڌائڻ.
ـ **باهِ وسائڻ:** جهيڑو ٽارڻ. جوش گهٽائڻ.
ـ **باهِ وسڻ:** سخت جهرلو لڳڻ ـ لُڪ لڳڻ. ظلم برپا هجڻ.
• **باهُوٽي ج باهُوٽيون:** ث. ٿوري باهِ ـ باهڙي ـ دونهين.
ـ **باهِيون ٻَجهڻ:** محبت جا مڇ مچائڻ. درد جا دونهان ڏکائڻ.
ـ **باهِيون ٻرڻ:** محبت جا مڇ مچڻ. عشق جا وَلوَلا جاڳي پوڻ.

• **باهَڑڻ**: مصدر. [پرا. باهڻ] ٽاپڙڻ ـ آڙڻ. ڏکو ڪائڻ. ٽڙکڻ. خطا ٿيڻ. برخاست ٿيڻ (مجلس). (باهڑيو ـ باهڑندو ـ باهڑيل).

– **باهَڑ ج باهَڑون**: ث. ٽاپو ـ ڏکو. باهوڙ (ڪتن جي).

– **باهَڑائڻ**: مصدر. "باهَڑڻ" مان متعدي بالواسطه. ٽاپو ڪارائڻ. ڇيڙڻ. آڙائڻ. جاڳائڻ. ڪُتي کي بَڇ ڪري پرنڪائڻ. برخاست ڪرائڻ (مجلس).

– **باهَڑجڻ**: مصدر "باهَڑڻ" مان فعل مجهول. ٽاپڙجڻ. رستي. ڳالهه يا خيال تان ٽڙي وڃڻ. ڪَڄهري، جو ڦٽڻ.

• **باهَڙ ج باهَڙ**: ذ. هڪ قسر جو رڻ ـ بهڻ (جنهن جي ڪاڻ تي خاص طرح جندي، جو ڪر سُهڻو ٿئي).

• **باهِڻ**: مصدر. [سن. پشَمْ < پِشْ = گرڻ. پرنڪڻ. گاريون ڏيڻ. نندڻ] بَهڻ ـ پرنڪڻ (ڪُتي جو) ـ باهوڙ ڪرڻ. ڇغلي هڻڻ (ت). نقصان پهچائڻ (ت). (باهيو ـ باهيندو ـ باهيل).

– **باهَ ج باهُون**: ث. ڪُتي جي پرنڪ ـ باهوڙ.

– **باهو**: ذ. صفت. پرنڪندڙ ـ باهيندڙ ـ بَهندڙ (ڪتو). لڳاتار پرنڪندڙ.

– **باهو ڦِي لڳڻ**: (ڪُتي جو) پويان لڳا تار پرنڪڻ. ڪنهن ماڻهوء کي ڪم لاءِ بار بار چوڻ. لاڳيتو تاڪيد ڪرڻ. ڪنهن جي مٿان بار بار دانهن.

• **باهُو**: ذ. اُهو ڏاڻ، جنهن ۾ ڪمند يا ڪجيءِ جي رسي گڏ ڪجي. لَڻ ـ ڇڙهي. (اسر خاص) پنجاب جو هڪ مشهور صوفي شاعر "سلطان باهُو" يا "شاهه باهو" جنهن جي درگاهه جهنگ ضلعي ۾ آهي.

• **باهوتو ج باهوتا**: ذ. حسد. دشمني. (صفت) باهه ورتو ـ حاسد ـ حسد ڪاڏو.

• **باهوتي ج باهوتيُون**: ث. "باهوتو" جو مونٿ. حاسد عورت. نندڙي باهه ـ دونهين "سامين باري سڄ ۾، بابن باهوتي" (شاهه).

• **باهوڙ**: مصدر. [سن. پشْ = بهڻ] پرنڪڻ ـ باهِڻ. باهڙائڻ. ڀلائڻ (باهوڙيو ـ باهوڙندو ـ باهوڙيل).

– **باهوڙ ج باهوڙون**: ث. ڪُتي جي پرنڪ

– **باهوڙ ڪرڻ**: پرنڪ ڪرڻ ـ باهِڻ.

– **باهوڙ ڏجائڻ**: ڏاڍو پرنڪڻ.

• **باڀُر ج باڀُرا**: ذ. ڏسو "بانڀُرو".

• **باڀُل**، **باڀُٽ (ک)**: ث. پائيچاري، جي منٽ ـ ميڙ. سامَ. ڪنهن وٽ پناهه ۾ آيل.

• **باڀُٽ ج باڀُٽَ (ک)**: ذ. ميڙ تي آيل ماڻهو ـ منتائو "باڀُٽ مُڙس = ميڙ تي آيل ماڻهو".

– **باڀُٽ تي آڻڻ**: ميڙ تي آڻڻ.

• **باڀُڙو ج باڀُڙا (ت)**: ذ. صفت. [سن. وڀُٽ = وڻ] پائيوار ـ حصيدار ـ ياڳي پائي.

• **باڀُرو ج باڀُرا**: ذ. صفت. ڏسو "بانڀُرو".

• **باڀُڪاٽ**: ذ. [انگ. boycott] قطع تعلقات ـ عدم تعاون.

• **باڀُگرلو**: ذ. [سن. واتَ گَنْلَرَ (= واتَ = واءِ + گَنْلَرَ = تيري تلي)] بيماريءَ جو هڪ قسر ـ تلي، ۾ هوا پرجڻ جي بيماري. پيٽ سُور ـ بادي.

• **باڀُلو**: ذ. ڪوڙيءِ جو هڪ قسر.

• **باڀُلو ج باڀُلا**: ذ. صفت. [سن. واڀُلَ. واڀُلو = واءِ سان پريل] پاڳل ـ جَريو ـ بانُولو.

• **باڀُلي ج باڀُليون**: ث. [هـ. باؤلي] ڏاڪڻ سان ڪوهه (جنهن ۾ اندر لهي ماڻهو پاڻي پيرين).

• **باڀُو ج باڀُو**: ذ. پارن کي ڏيجارڻ لاءِ هڪ خيالي جانور جو نالو ـ جُوجُو.

• **باڀُوڏيرو**: اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **باڀُولي ج باڀُوليُون**: ث. ڏسو "باولي".

• **باڀيبل**: اسر خاص. [انگ. Bible] ڪرستانن جو پاڪ ڪتاب ـ انجيل.

• **باڀيسڪل ج باڀيسڪلُون**: ث. [انگ. bicycle] هڪ قسر جي بن ڦيٿن واري گاڏي ـ سائيڪل.

• **بابائي ج بابائيُون**: ث. آڏ پائيواري ـ حصيداري.

• **بايزيد**: اسر خاص. [ع] عثماني خاندان جو چوٿون بادشاهه (جنهن سلطان جو لقب اختيار ڪيو). بسطام شهر جو هڪ وڏو صوفي ۽ اهل الله ("بايزيد بسطامي" جنهن جو اصل نالو "آبو يزيد طيفور" هو. جنهن کي هڪ روايت موجب هڪ سندي بزرگ کان فيض مليو هو).

• **بب**: صفت. [سن. وِبُو = پکڙندڙ] ڳوڙهو ـ گهاٽو.

– **بب اونداهه**: ث. گهاٽي اوندهه ـ ڪاري رات.

• **بِبَڌتو ج بِبَڌتا (ت)**: ذ. صفت. بخت وارو ـ پاڳوارو ـ بختاور.

• **بَبَرُ ج بَبَرَ**: ذ. [فـ. بَبْر، پرا. بَبَر] ڪيهر شينهن. واگهه. (اسر خاص) هندو فقيرن جو هڪ گروهه ـ آڪالي.

– **بَبر شينهُن**: ذ. ڪيهر شينهن.

– **بَبِرُ ج بَبِرَ**: ذ. صفت. وڏين ٻُبين وارو مرد. ٻُبي، وارو (انب). سُجاڻپ لاءِ 'انب' جي وڻ ۽ پتي جو نالو.

• **بَبْري ج بَبْريُون**: ث. [هـ] زالن جي پيشاني، تي گول ڪنريل وار ـ زلف ـ ڪاڪل.

• **بَبري ڇَڏڻ**: پيشاني، تي سُونهن لاءِ گول ڪنريل وار ڇڏڻ.

• **ببيلائڻ**: مصدر. ڏسو "پَٽيلائڻ".

• **بَبْلو:** اسم خاص. تعقلي شاهبندر هڪ ديھ جو نالو.

• **بِبْلِينگ** ج **بِبْلِينگَ (ل):** ذ. صفت. تمام ٿلھو متارو. وڏي پيٽ وارو.

• **بُبو** ج **بُبا:** ذ. بستان ـ ٽڻ. ڪجيءَ جي اَڌ ۾ يا مٿي تڪنل ٻجو. (ث) بُبي ج بُبيون.

– **بُبا چڏائڻ:** نندڙي ٻار کان ماءُ جي ٿڃ بند ڪرائڻ ـ ٿڃ چڏائڻ.

– **بُبا سَگوئجڻ، سَموئجڻ:** بُبن ۾ کير اچڻ.

– **بُبڙو** ج **بُبڙا:** ذ. "بُبو" جو اسم تصغير. نندڙو بُبو.

– **بُبو ڏيڻ:** ٿڃ ڏارائڻ (ٻار کي).

– **بُبو وارَڻ (ھ):** ٻار کي ٿڃ ڏارائڻ بند ڪرڻ. بُبا چڏائڻ ـ کير چڏائڻ.

– **بُبي** ج **بُبيُون:** ٿ. مرد يا چوکريءَ جو نندڙو بُبو.

• **بَبُون** ج **بَبُوئ:** ذ. [انگ. baboon] بانڊر جو ھڪ قسم ـ آفريڪا جو وڏو بانڊر.

• **بَبُوٽي (ث)، بَبُٽي (ل)** ج **بَبُوٽِيُون، بَبُٽِيُون:** ٿ. مسافريءَ ۾ پاڻي ساڻ کڻڻ لاءِ مٽيءَ جي گھُگھي (جا بادامي شڪل ٿي ٿئي. ۽ بيھارڻ لاءِ ترو ڪوڏ ٿئيس).

• **بِپ** ج **بِپَ:** ذ. وڏو پيٽ ـ ڊِڊ.

– **بِپ ڀرڻ:** ڊِڊ ڀرڻ.

– **بِپڑ** ج **بِپڑَ:** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو ـ پيٽيئر ـ ڊِڊر.

• **بَپَرُ** ج **بَپَرَ:** ذ. ڏ. ڪجيءَ ۾ چيلھ جي وڃ وارو بدن جو حصو. اَڌھ ـ سينو.

• **بَپري** ج **بَپرِيُون:** ٿ. ننڍڻ. ٻانھن ۽ سيسيءَ کان سواءِ جسم ـ ڏَڙ.

• **بَپڙ** ج **بَپڙَ:** ذ. باھ جي وڏي جپي. مڇ. آڙاھ.

• **بِپڙ** ج **بِپڙَ:** ذ. ٻن ولِ جي پاڙَ (جا چوپائي مال کي. کير وڏڻ لاءِ ٿوڻھين ۾ پوھي کارائيندا آھن).

– **بِپڙي** ج **بِپڙِيُون:** ٿ. ٻن جي ول جي پاڙ ـ بِپڙَ.

– **بِپڙيُون وجڻ:** پاڙُون وجڻ. پاڙئون ٻڌجڻ. گھر ٽي وجڻ.

• **بَپڙ:** ٿ. ڏسڙ واري زمين (جنھن ۾ ٻير مُرٽي ٿائين ويھي وڃي) ـ ڏَڏَڙ ـ ڏسڙ.

• **بَپَڪ:** ٿ. [سن. وِپيشڪا] وڏي آواز وارو ڏڙڪو ـ زورائتي ڏمڪي.

– **بَپَڪ چاڙھڻ:** ٽري چاڙھڻ ـ زور سان ڏمڪي ڏيڻ.

• **بَپڪائڻ:** مصدر. بپڪي چاڙھڻ. ڏمڪائڻ. ٻپڪايو ـ بپڪائيندو ـ بپڪائيل.

• **بَپڪي** ج **بَپڪِيُون:** ٿ. بَپَڪ ـ ڏمڪي ـ ٽري. اڏمو. ڦُڙتيءَ واري چال.

– **بَپڪيُون ڏيڪارڻ:** حشمت ڏيکارڻ. همت ڏيکارڻ. فلڪون ڏيکارڻ.

• **بَپُرت:** ٿ. [سن. وِپُوت] ڳُڻن جي چيڀي جي رک (جنھن سان سنياسي فقير پنھنجو ٻت ملين). چار ـ ڦلھيار.

• **بَپُوتَ** ج **بَپُوتَ:** ذ. صفت. [سن. وِپُوت] رک لڱل .. مٽيءَ ھاٿو ـ خاڪ آلوده "ڪالھ ڪڏيوسين ڪاپڙي، بابُو رنگ بپوت".

• **بَتَ** ج **بَتُون:** ٿ. [ع. بَتّ = ھُن وڍيو: فـ. بَتَ: سن. وُرتي] ليڪو. نشان ليڪي ۾ ھڪ رقم کي ٻيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ڏنل ليڪ.

• **بَتَ** ج **بُتَ:** ذ. [ف] بدن ـ جسم. لوٿ ـ ڏڙ. لاش ـ مڙھ. پٿر يا مٽيءَ وغيره مان ناھيل ماڻھوءَ جو بوتو (جو ڪنھن جي خلاف ڪاري جادوءَ طور قبرستان يا سُڃيءَ جاءِ ۾ پورين). (مجازاً) محبوب ـ معوشق. مالڪ کي ٻيئل ـ نہ ڪچندڙ ـ خاموش. بيوقوف ـ احمق. پٿي راند (ٿَوَن) ۾ ڏھن ڏاڻن جو داءُ اُھو تختو يا سڙجنھن تي جويڙ راند يا جُوا ڪرڻ وقت ڌارا يا ڪوڏيُون اُڇلجن.

– **بُت بَلا ٿيڻ (ڪ):** بُت ڇُور ٿيڻ ـ سخت ٽڪجي پوڻ.

– **بُت بنجڻ، بتجي بيھڻ، ٿي بيھڻ:** بلڪل مالڪ کي ٻيھي رھڻ. ڪجھ به نہ ڪچڻ.

– **بُت پريل:** ذ. صفت. بدن ۾ پريل ـ متارو ـ ٿلھو.

– **بُت ڀراش:** ذ. صفت. بُتَ ناھيندڙ ـ مورتيون جوڙيندڙ.

– **بُت پرستڻ:** ذ. بُتن جي پوجا ڪندڙ.

– **بُت پرَستي:** ٿ. بُتن جي پوجا ـ مورتي پُوجا.

– **بُتَ چَنڊ ٿيڻ:** مارَ کائڻ. جماع ٿيڻ (ت).

– **بُت چَنڊڻ:** بدن ۾ ھلڪو ٿيڻ. تولھ گھٽائڻ. جماع ڪرڻ.

– **بُتخانو** ج **بُتخانا:** ذ. اُھا جاءِ جتي بُتن جي پوجا ٿئي ـ مندر.

– **بُت شِڪَن:** ذ. بُت ڀڃندڙ (سلطان محمود غزنويءَ جو لقب).

– **بُت فروش:** ذ. بُت وڪڻندڙ.

– **بُت ڪاندارَڻ:** سيءَ يا ڏک کان لڳ ڪاندارڻ. وارَ اُپا ٿيڻ. بدن ۾ سياندا پوڻ.

– **بُت ڪَدَه:** ذ. بُتخانو ـ مندر.

– **بُت وجھڻ:** ڪنھن ماڻھوءَ کي ڪاري جادوءَ جي ذريعي تڪليف پھچائڻ لاءِ اُن جو ٻنلو اُتي مان ناھي مقام ۾ پورڻ ـ پڙھيا وجھڻ ـ دوھ ڪرڻ.

• **بتاشو** ج **بتاشا:** ذ. ڏسو "پتاشو".

• **بَتالَ** ج **بَتالَ:** ذ. صفت. [ع. بَطّال = بيڪار. نڪمو] ڦليل ـ گمراھ. تواڻي. وائڙو ـ موڳو. حيران.

– **بتال ٿيڻ:** ڦلجڻ ـ گمراھ ٿيڻ. تواڻي ٿيڻ ـ حواس باختہ ٿيڻ. مُنجھي پوڻ. رستو وڃائڻ.

• **بَتالجَنْ:** فعل مجھول. بتال ٿيڻ. ڪنو ڪرڻ. مغرور ٿيڻ. خراب ٿيڻ (دل). بتلجڻ.

• **بتانو ج بتانا:** ذ. [ع. بطانه > "بِطانَةُ الثوب = استر، پراڻ"] پڳڙيءَ جي اندران پراڻ طور ڏنل ڪپڙو. پڳڙيءَ جو اُستر ـ خَشُ "پڳ کان بتانو وڏو". ڏاڙهءَ مان ٺهيل ڪڳڻي. [ع. بَطن، باطن = منجهه. گجهه] پيد ـ راز ـ گُنجهه.

– **بتانو ڪيڏ:** راز ڪيڏ ـ پيد ڪيڏ ـ منجهه ڪيڏ.

• **بتاءِ ج بتاءُ، بتاؤ:** ذ. [سن. واڑتا] نڀوءِ جو ناز نخرو. اکين جو اشارو ـ غمزو. ناز ـ نخرو. ڏيکاءُ. ڏوکو ـ فريب. عذر ـ بهانو.

– **بتاءِ ڏيکارڻ:** ناز نخرو ڏيکارڻ.

– **بتاءِ ڏيڻ:** فريب ڏيڻ ـ دوکو ڏيڻ. بهانا ڪري ٽالڻ. گمراهه ڪرڻ. منجهائڻ.

– **بتاءِ ڪيڏڻ:** نگهي ڪرڻ ـ دغا ڪرڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ.

• **بتائڻ:** مصدر. [سن. ١. واڑتا = ڳالهائڻ، ٢. وَدَن < وَدْ = ڳالهائڻ] بڌائڻ ـ ٽلهڻ. ظاهر ڪرڻ ـ ڏيکارڻ. (بتايو ـ بتائيندو ـ بتايل).

• **بتائي بتاوڙ ج بتاءُ، بتاؤ:** ذ. بتاءُ. ڏيکاءُ. بهانو. ڏوکو. ظاهري چال.

– **بتائو ڏيڻ:** ڏوکو ڏيڻ. ظاهري چال سان رستو منجهائڻ.

• **بتَرَ (س):** ٿ. گاهه جو هڪ قسم ـ پَتَرَ.

• **بَتَرُ:** صفت. [ف. بَد + تَر] بدتر ـ خراب ـ بُجهڙو.

• **بَتِڪو (ت):** ذ. راند جو هڪ قسم.

• **بَتَلُ:** مصدر. [ع. ١. بَدَلَ = بدلجڻ، ڦرڻ ٢. بَطَّال = بيڪار. نڪمو] بدلجڻ ـ متجڻ. ڦرڻ (متو). ڪجو ٽيڻ (هان،). گمراهه ٽيڻ. اوجهڙ ۾ وجهڻ. (بتليو ـ بتلندو ـ بتليل).

– **بَتلائڻ:** مصدر. "بَتلڻ" مان متعدي بالواسطه. بتال ڪرڻ. ڦيرائڻ. انڪار ڪرائڻ (شاهديءَ کان). پٽياڻڻ ـ برغلائڻ.

– **بَتلجڻ:** مصدر. "بَتلڻ" مان فعل مجهول. بدلجڻ ـ ڦرڻ. گمراهه ٽيڻ. بگڙجڻ. ڪاوڙجڻ. بتلجڻ.

• **بتو ج بتا:** ذ. بتانو. (فعل بچيو (بچڻ مان ماضي).

• **بَتُو ج بَتا (ل):** ذ. [هـ. بَتّا] فريب ـ نگهي ـ ڏوکو ـ بتاءُ. عذر ـ بهانو. مڪاطعو ـ نيڪو.

– **بَتو ڏيڻ:** نگهڻ. بهانو ڏيڻ. ڏوکو ڏيڻ.

• **بَتُولُ:** ٿ. صفت. [ع. بَتَلَ (=ڪٽڻ) < بَتُول = جيڪا پرڻي کان پري رهي] ڪنواري. پاڪدامن . باعصمت ـ پاڪيزه. خدا پرست عورت. دنيا کي ترڪ ڪندڙ عورت. (اسر خاص) حضرت بيبي مريم ۽ حضرت بيبي فاطمه (رضه) جو لقب.

• **بَتولي:** ٿ. [هـ] نڙولي ـ مسخري.

• **بَتِي ج بَتِيُون:** ٿ. [پرا. بَتّ: سن. وَرتِي] وَٽ (ڏئي جي). ڏيو ـ چراغ. شمعدان ـ لالٽين.

• **بُتِي ج بُتِيُون:** ٿ. [ع. باطيه] بوتل ـ باٽلي. شراب جو شيشو. صراحي "دست بُتي، ڏئي پيالو پِر ڪي. ايئن ڳڏيا گل اندام" (ڪبير شاه). پيڙيءَ جو هڪ قسم (ڪ) ـ مُچُو.

• **بتِيلَ ج بتِيلَ (ڪ):** ذ. ڪاري جي رَڄ جو هڪ پاڳو (ڪاميت جي مضبوطيءَ لاءِ ٿت آت فوٽ ڏُگهي ڪائي).

• **بَتِيلَ ج بَتِيلون:** ٿ. خودڪشي ـ آپ گهات.

• **بَتِيلائي:** اسر خاص. بُڪتي ۽ مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بتِيلو ج بتِيلا:** ذ. [سن. ١. پوتَ + ايلو: ٢. واتْلهِ = وڏي ٻيڙي] ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ست اٺ ماڻهو چڙهي سگهن).

• **بِٽ (ٽ):** ٿ. [وٽي > وٽ > بِٽ] ڪاهيءَ يا ڪڙيي ۾ جي وڃ ۾ سبيل ڏاڳو (جو هن پاسن کي ڏار ڪري).

• **بَتاءُ ج بَتاءُ (ڪ):** ذ. وَٽاءُ.

• **بَتَلُ ج بَتَلَ (ل):** ذ. صفت. پَتو ـ جهونو ـ سڙيل.

• **بَتو ج بَتا:** ذ. صفت. پراڻو ـ جهونو ـ سڙيل ـ پَتو. اڻپر. (ٽ) بَٽِي ج بَٽِيُون "بَٽِي تنهنجي مڪڙي، سڙهه پراڻا پاندَ" (خانه زئي).

• **بٽوڙي ج بٽوڙيُون:** ٿ. گند اُڇلڻ جي جاءِ ـ اُروڙي. ويهڻ جي جاءِ. پٽاريل هنڌ. ٽاڪ ـ ٽاڻ ـ اُڏو.

• **بَٽِي ج بَٽِيُون:** ٿ. [پرا. پَٽِي: سن. پَشْتري = چمڙ جي ڪوٽري] تيرن وجهڻ جي ڪوٽري ـ ترڪش. پٺسن رکڻ جي بَدي ـ هِمياڻي (ت). بتي ـ لالٽين.

– **بَٽِي جو ڪاءُ:** محاورو. سڌو تير ـ اڻ گس تير. خلاف طبع گالهه. آئيندي جو توشو. ضرورت جو سمر.

• **بَتَ ج بَتَڏ:** پاڻو يا سنهين ڪانين جو ڄُونڊ (جنهن تي بجا جي ڪپڙو ويڙهيندا آهن).

• **بتالُو ج بتالُو:** ذ. بتانو ـ آلو.

• **بتانا، بتانا (ل):** ذ. هڪ قسم جو اوڙ ـ مٺا مٽر يا چٽا (جي پاڄيءَ طور استعمال ٿيندا آهن) ـ وَٽاڻ (sweet peas).

• **بتائي، بتئي ج بتائيُون، بتئيُون:** ٿ. [سن. وَٽْت > وند = ورهاڱ] فصل لهڻ کان پوءِ اَناج جي تقسيم. هاريءَ ۽ زميندار جي وچ ۾ اَناج جي تقسيم ـ پيداوار جي ورهاست.

– **بتائي بتئي دارُ:** ذ. صفت. بتئي ڪندڙ. هاريءَ ۽ زميندار جي وچ ۾ اَنّ جي ورهاست ڪندڙ. زميندار جو عام مختار.

– **بتائي، بتئي داري:** ٿ. زميندار. بتئي ڪرڻ جي حالت. اناج جي تقسيم.

– **بتائي، بتئي ڪرڻ:** اُنَ جي تفسير ڪرڻ ۔ پيداوار ورهائڻ.

• **بٹ بٹ (ڪ):** ٿ. پٽ پٽ ۔ پُٹ پُٹ.

– **بٹ بٹ ڪرڻ:** پُٹ پُٹ ڪرڻ ۔ پنهنجي مُنهن ڳالهائڻ.

• **بٹَهارُ ج بٹَهارَ:** ذ. صفت [سن. واٹ = رستو + پٰ = اُجلائڻ] رستي تي ڦر ڪندڙ ۔ رهزن.

• **بٹَهاري:** ٿ. رهزني ۔ واٹ ويندي ڦر.

• **بٹڪو ج بٹڪا (ڪ):** ذ. ڪڙڪ آواز، سخت ۽ ٽُلهو ڳالهائڻ.

• **بٹ ڪيرُ ج بٹ ڪيرَ:** ذ. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪُبير جي جنس مان، پر مُنهن ويڪرو ۽ ٻنا سوند ٿئي).

• **بٹلَرُ ج بٹلَرَ:** ذ. صفت. [انگ. butler] ماني کارائڻ وارو ۔ خانسامو.

• **بٹمارُ ج بٹمار:** ذ. صفت. [سن. واٹ = رستو + مارَ = ماريندڙ] واٹ ويندڙ کي ڦريندڙ ۔ رستي تي ڦر ڪندڙ ۔ رهزن. ڦورُو. واٹمارُ.

• **بٹماري:** ٿ. رستي تي ڦرمار، راهِ ويندي لٽ ۔ رهزني.

• **بٹو ج بٹا (ڪ):** ذ. مڪائيءَ جو ٻُڪ.

• **بٹوڻ ج بٹوڻ (ت):** ذ. بٹڻ.

• **بٹي:** ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم (نندڙو پکي، جو اڪثر ڪڻڪ جي فصل پڇڻ وقت ڏسڻ ۾ اچي).

• **بٹ ج بٹَ:** ذ. [سن. پُراشْٹَ = ٽٽي] باهه جو مچ ۔ آڑاهه. ڇلهو. وڏو ڪورو ۔ بٽي. گرمي ۔ تپش. سوز ۔ سازو. تپت. وڏي ڪڙاهي. وڏي ٽٽي (جنهن ۾ چٹا پڇجن) "ڇٹو ڪهڙو بٹ پريندوا" ڪٽاه. شادي وغيره جي موقعي تي طعام رڌڻ جو هنڌ ۔ بٽي "ٻڪٽي کي بٹَ ٻ دُور" (چوٽي). ڍڳ ۔ ڪوڙ ۔ ديڙ "مانين جا بٹَ پڪا پيا آهن".

– **بٹ ٻرڻ:** مَچَ ٻرڻ ۔ باهيون ٻرڻ. ٻُخار جا مچ هُٽڻ.

– **بٹ پڇڻ:** وڏو ڪر ڪرڻ. وڏو نقصان ڪرڻ. "ڇٹو، ڪهڙا بٹ پڇندو".

– **بٹَ پرڻ:** جهڙي تهڙي ڪاڏي مان پيٽ پرڻ. نقصان پرڻ ۔ توتو سهڻ.

– **بٹَ پچائڻ:** تمام وڏي زَه ڪرڻ. (طنزاً) وڏو ڪر ڪرڻ.

– **بٹ پوي:** محاورو. پٽ طور ڪم ايندڙ محاورو "باهه ۾ پوي، بَن پوي، سَڙي وڃي!".

– **بٹ ڏيڻ:** باهه ۾ وجهڻ. ساڙي ڇڏڻ.

• **بٹ:** ٿ. [سن. پُرشْتَ = ڪريل، خالي يا ويران پونگي] غيرآباد زمين. واريائسي ڏڙن واري زمين "جيتا ڪيو ڀُڇيج، بڏاماڻي بٹَ ۾" (رسالو: ڏهر). سڪل ڪاٺي. پٽ. ٺُڪري. ڏڙو (اسم خاص) تعقلي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو].

• **بٹ ج بٹَ:** ذ. [سن. پُرشْتَ = ڪريل، خالي يا ويران پونگي، ويران باغ] بيابان ۔ ويرانو ۔ رٿيت. واريءَ يا مٽيءَ جو ڏڙو. مٿانهون بٹ. ڦٽل ڏڙو ۔ پَن. ڍڳ ۔ ڏير "مانين جا بٹَ پڪا پيا آهن". آروڙي (ل). (صفت) غيرآباد. سُڪل "ڪامُون شهه ۾ ڪُرها، باٹا شهه ۾ بٹَ" (عنات).

• **بٹ:** بي اثر، نرد، اندر سڙيل، کُلجٹو.

• **بٹار:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بٹارو ج بٹارا:** ذ. [سن. پٹرِشْت = ٽٽي] پڪڙا يا ٽُلا پڇي وڪڻندڙ ۔ پوڳڙي. لشڪر جو مودي گڏهه هڪليندڙ. گاڏهي ۔ دايو. ڪائيون وڪڻندڙ. گڏهه ۽ گهوڙا پاڙي تي ڏيندڙ. پيتوڙي ۔ گهڻ ڪائڪ ۔ هيجي. ٻنو يا ڪورو سنڀاليندڙ. (ث) بٹارڙ. بٹاري.

• **بٹاريُ ج بٹاريُون:** ٿ. بٹارو. ڪو راڙ بلا جو هڪ قسم.

• **بٹَ ڏيرا:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بٹَڙ (ٿ):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بٹڪائڻ:** ذ. مصدر. پڙڪائڻ ۔ پيڪائڻ.

• **بٹو ج بٹا:** ذ. [سن. پُڑشْت، پراشْٹَر = ٽٽي] باهه جو ڪورو ۔ بٽي، ڇڻ. سڙڻ وغيره جو ڪورو. لوهار ۽ ٻاٽارن جي ڪر جو ڇلهو ۔ ڪورو. بدن تي ڏَڪ جو نشان ۔ ٻنو ۔ وَڌ. بار بردار جانور جي ٻني ۽ تي ٽيل گاٽ (ل) ۔ ڇتو. درياءَ ۾ وَهَڪ جي تيزيءَ واري لَٽي. (اسم خاص) تعلقي تندي باگي ۾ هڪ مڪان جو نالو.

• **بٹو ج بٹا (ت):** ذ. بيابان ۔ رٿيت ۔ سُڄ ۔ بَٹ. ڍڳ ۔ ڏير ۔ ڪوڙ. (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بٹي ج بٹيُون:** ٿ. [سن. پُرشْٹ، پُراشْٹَر = ٽَٽي؛ ۲. آپشَوَة = شراب ڇڪائڻ] ڪوري. ڇڻ. سڙڻ. شراب. ڦلن. پُڇڙن. بسڪوٽن وغيره ٺاهڻ جو ڪورو. تَنُور. ڇلهو. رڌ بڇاءِ جي جاءِ ۔ چَرَ. شراب ڇڪائڻ جي جاءِ. مانيِ خيرات ڪرڻ جي جاءِ. نيرونيءَ جي ڪُن. ڏوپين جو ڪتب جاڙهڻ جو ڇلهو.

– **بٹي جاڙهڻ:** ڪتب جاڙهڻ ۔ ڪپڙا ٽهڪائڻ. شراب پيڪائڻ.

• **بٹُيُ ج بٹيُون:** ٿ. [سن. أوَتَّ] مٽيءَ جو ڍير ۔ ڏڙو. پٽڻ جو ٻو (ڪ). مشانهين زمين. قبر ۔ تُربت "جي ڳالهين ڳگانيا، تن جون بٹين پاسي بُنيون" (شاه). ٺُڪري. (اسم خاص) جوهي، دادو ۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بٹ:** ذ. ڏَٽ ۔ ميڙ ۔ ڏونگ.

– **بٹ ٻڌڻ:** بَرَ ٻڌڻ. ڏونگ ڪرڻ.

• **بٹ مارڻ:** دٽ هڻڻ ۔ جانهَرَ ڪرڻ. بر ٻڌڻ.

• **بٹا:** ظرف. [فـ. برا] قائم. جاري ۔ شروع.

• **بٹ:** ٿ. [سن. وٹ. وٹ] مصيبت ۔ آفت ۔ آپدا. تڪليف.

• **بِهتا ج بِهتائُون:** ث. ڏسو "بِهت".
• **بِهُرو ج بِهرا:** ڏ. صفت. بنا پُريءَ جي. بيڪس ـ بيوس ـ ويچارو.
• **بَهر ج بَها (ت):** ڏ. صفت. ڏندن ۾ڳل (ماڻهو) ـ پڏو.
• **بَهِ ج:** ث. [سن. وُڙجِنَ = وار. گهنڊيدار وارَ] نندڙا ۽ گهٽا وارَ. سنهڙا ۽ ڪَڪا وارَ ـ هِر جانور جا ڊگها ۽ گهاتا وار. گهنڊيدار وارَ. بَغل جا وارَ ـ ڪَچ جا وارَ. ردن ۽ ٻڪرين جي هڪ بيماري (ت). اُوگَڙ ـ نقص ـ خامي. گناهه. غر ـ مصيبت.
ـ **بَجِرُ ج بَجِرَ:** ڏ. صفت. بَچ وارو ـ بوجارو.
• **بَهَ ج بَهَ:** ڏ. [سن. وُڙجِنَ = لوڙهو] اُهو ڏنگهر جو ٻَڪين کي ڏجي. لوڙهو. ٽُلهو تلهو. پَلاڙ جي پاسي واري ڪائي. بغل ـ ڪچ (ڪ). پاسو (ڪ).
– **بَهَ هڻڻ:** بغل هڻڻ ـ ڪچون ٽوڪڻ. ٽينگ ڏيڻ.
• **بُهُ ج بُهَ:** ڏ. [سن. وُڙجِنَ = وارَ. فـ. بَهُ = پيشانيءَ تي وارَ] ڪنپن يا وارن جو مُجو ـ وارن جو ڇڪو. چَڪ. وڏا ڪَهرا وارَ. ڊگها گهاتا وار. گهنڊيدار وارَ. ڪٽڪ. جوئر وغيره جا سُوئا.
– **بُهُ بائڊ (ت):** صفت. بلڪل ٽورو ـ ڪجهه.
– **بُهُ بُهُ ٿي وڃڻ:** ٽُٻجي وڃڻ. ڪسجي وڃڻ. ڏرا ڏرا ٿي وڃڻ.
– **بُهُ بُهُ جو بار ڪرڻ:** وار وار جو ضامن ٻوڙ. هر ڳالهه لاءِ ضامن ٻوڙ.
– **بُهُ بُهُ ڪُرڻ:** ڪوهي چڏڻ ـ ٽُٻي چڏڻ. سخت سزا ڏيڻ.
– **بُهُ بُهُ مان ٻُوءِ اُڇڻ:** سخت نفرت ٽيڻ.
– **بُهُ بہ نہ چڏڻ:** ڏرو بہ نہ چڏڻ ـ ڏهيون بہ نہ چڏڻ. صفا پت ڪرڻ ـ ڪوهي چڏڻ.
– **بُهُ پاڙي هُجڻ (ت):** پُورو پڙوو هڻڻ. ظاهر ظهور بدمعاش هجڻ. بلڪل ڪانئر هجڻ.
– **بُهُ پٽائڻ:** وارَ پٽائڻ. سزا ڪائڻ.
– **بُهُ ٿي ڏِڻ:** ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ.
• **بَجا:** ظرف. [فـ. بہ + جا = هنڌ] روا ـ ٺيڪ. درست ـ صحيح. مناسب ـ جائز.
– **بَجا آڻڻ:** عمل ۾ آڻڻ ـ پُورو ڪرڻ. مڃڻ (حڪم).
– **بَجا آوري:** ث. تعميل ـ پيروي ـ پُورائي.
– **بَجا آوري ڪرڻ:** تعميل ڪرڻ ـ پيروي ڪرڻ. انجام پاڻڻ ـ پُورو ڪرڻ (حڪم).
• **بَجاجَ ج بَجاجَ:** ڏ. صفت. [ع. بَزّاز (ڪپڙي جو واپاري) < بَزّ = ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري ـ ڪپڙي فروش ـ ڪاپڙي ـ بَزّاز. منيب ـ دلا. بتاڪي ـ داڙي. نخريلو ـ رنگيلو ـ نٽڪئون رنگين ڪپڙا پائيندڙ. (اسر خاص) هندن جي هڪ ذات جو نالو (جي بجاجڪو ڪر ڪندا آهن).
– **بَجاجي ج بَجاجي:** ڏ. صفت. ڪپڙي جو واپاري. ڪپڙي جو گهور ڪندڙ. مَجارڪو.
– **بَجاجي عِشقَ:** ڏ. ڪُوڙو عشق (مجازي عشق).
• **بِجارَ ج بِجارُون (ڪ):** ث. شادي ۽ مُرادي ۽ پٽسي ڏوکڙ جي مدد. پُوئو ـ پَهتُ ـ پاهَتَ ـ پوَتِ (ت). ٽاري (ڪ) ـ نيهَنڊ. وَل (ل).
– **بِجاري ج بِجارُون (ڪ):** ث. ڏسو "بجار".
• **بِجارَ ج بِجارَ:** ڏ. [سن. وِيَجَ + اَل] سائي ڏِڳو (جو نسل وڌائڻ لاءِ خاص طرح سان پاليو وڃي ۽ چڙواڳ گهمندو وتي). (اسر خاص) مرد جو نالو.
• **بِجاراڻي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَجاري:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بَجاگِيرُ ج بَجاگِيرَ:** ڏ. ڏسو "بَجگِيرُ".
• **بَجانِ:** ظرف. [فـ. بہ + جان] جان سان ـ خوشيءَ سان.
– **بَجانِ و دل:** ظرف. دل ۽ جان سان ـ وڏيءَ خوشي سان.
• **بَجاءِ:** ظرف. [فـ. بَجا] لائق ـ درست ـ جايائتو. بدران ـ پاران. قائم مقام.
• **بَجَرَ:** صفت. [سن. وَجْرَ = سخت] سخت ـ تمام سخت. [سن. وَجْدَرَ = اندر مهراج جو وڄ جهڙو هٿيار. هيرو ـ الماس.
– **بَجَر ڪَهاتَ:** ڏ. سخت دروازو ـ مضبوط در. "وسيو ميگهه مهر جو، ڪليا بجر ڪپاتَ" (سامي).
• **بَجَرِ:** ڏ. [سن. وَجْر] تماڪ جو هڪ قسم. تماڪ جي پوک جو ٻيو ٿُور (جو گهٽ تکو ٿئي). هلڪو تماڪ تماڪ جي نندي مورَ "بَجَرِ اُنهيءَ جو بَس ٿئي. جا جَڏي هجي جُوءِ" (جام خان). تماڪ جي نندي يا سنهي ٽُهي ـ بَجَرِي. سَنهي ۽ گهٽ تکي تماڪ مان ٺهيل ناس. ردي ۽ هلڪو مال (ل). استعمال ۾ آندل شيءِ جو عيوضو (جو مالڪ کي پري ڏجي). نوبت ـ نقارو.
– **بَجَرِي:** ث. بَجَرِ. تماڪ جو ٻيجو.
• **بُجِرُ ج بُجِرَ:** ڏ. صفت. [سن. وُڙجِنَ = وارَ] بَجَن وارو ـ وڏن وارن وارو ـ منجهيل وارن وارو. بوجارو. هڪ قسم جو ڊگهن وارن وارو ڪتو.
– **بَجِر ڪيٹُون:** ڏ. هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ غير فطري فعل ڪرائڻ جي خواهش ٿئي). بي آرامي. اَتاولائي.
• **بَجَر پٹُون:** ڏ. بج جو هڪ قسم (گول ۽ بادامي ۽ جهڙو ٿئي. ڪرٽئي جي بيماريءَ ۾ دوا طور ڪر اڇي. گهٽو ڪري جوڳي فقيرن وٽان

هٽ اڇي).

• **بَجُرڪ، بَجُريڪ ج بَجُرڪُون، بَجُريڪُون** (ت): ث. [سن. بَجْرانگ < بَجْرَ = سخت + انگ = بدن] ڪاوڙ ـ غصو ـ خار.

• **بَجُرنگي:** ذ. شنگرف جو تلڪ (جو هندو، پنهنجي پيشانيءَ تي هڻندا آهن).

• **بَجُري ج بَجُريُون:** ث. [سن. وَجْر = سخت چونو يا سيمنٽ] ڪَکري، سخت پٿيون، تماڪ جو ٻيجو، هلڪي تماڪ مان ٺهيل نانءُ.

• **بِجُزْ:** ظرف. [ف] ڪان سواءِ ـ ڌاران ـ بغير ـ بنان.

• **بَجُڪانو ج بَجُڪانا** (ل): ذ. پوٽڙو ـ برچڻ جيڏو جو ڪپڙو، سندرو، مولهاتو.

• **بُجِڪو ج بُجِڪا:** ذ. [ترڪي. بُڇجه، بُڇجه = بَجِڪو] ڪپڙي جو ٽيلهو ـ ڳوٽرو ـ سنڊ. ڪپڙن جي هڙ، گودڙي. (ث) بَجِڪي ج بُجِڪيُون.

– **بَجِڪائي ج بُجِڪائي:** ذ. صفت. بَجِڪو ڪنڊڻ، بَجاجي ـ بَزازي.

• **بَجِگَرَ ج بَجِگَرَ:** ذ. صفت. [فـ ديگر > بجگر] جمڙي جون (تيل يا گيهه وغيره لاءِ) ڏيبون ٺاهيندڙ ـ بَزگر. ڏهلن تي جمڙو چاڙهيندڙ.

• **بَجُگيرُ ج بَجُگيرَ:** ذ. صفت. [سن. بَجْرَ = سخت + كار = ڪر ڪندڙ؛ ف. بَزْگر = هاري ـ ڪاشتڪار ٢. باجگير = ڏِل يا ڏَن آڳاڙيندڙ. نوڪر] سخت ڪم ڪندڙ ـ پورهيت، خادم، غلام، بجاگير ـ بَزگير.

– **بَجگِيري:** ث. بجاگيري ـ بزگيري، تابعداري ـ خدمتگاري، غلامي، ٻانهپو.

• **بِجُلِي ج بِجُلِيُون:** ث. [سن. وِدْيُتَ] وِجَ ـ وِجلي ـ ڪنوڻ ـ برق، اليڪٽريءَ جي روشني (electricity). (صفت) وِج جهڙو هلندڙ ـ تيز رفتار، جالاڪ ـ قوّت.

• **بَجِنْس:** ظرف. [ف. بَ = سان + ع. جنس] بجنسي ـ هوبهو ـ نس پس.

– **بَجِنسه:** ظرف. بذاته.

– **بَجِنْسي:** ظرف. نس پس ـ عين بين ـ هُوبهو.

• **بَجَنْگَ** (ث): ذ. وڏا بَجَ ـ گهاڻا واڙ ـ وڏا واڙ.

• **بَجو ج بَجا:** ذ. [سن. وادْيَه = واجو < وَدْ = وجائڻ] وَڳو ـ گهَنٽو ـ ڪلاڪ وقت ـ تاثيم (Time). پوڙهي ماڻهوءَ لاءِ نفرت پريو لفظ (صفت) بَج وارو، نڊين گهاڻن ۽ ٽلهن وارن وارو ـ بَوجرو ـ بُجرو.

• **بُجو ج بُجا:** ذ. [سن. پَجا = پانُهن. هٽ: ف. پَنجه = جنبو] پنج ئي آڱريو ڪليل سامهون هٽ (جو ڪنهن کي نفرت يا ڪاوڙ وچان ڏيکارجي) ـ پوندو ٻرائيءَ ڏيءِ جو بُجو ٻه چَڳو ٿ (چوڻي). (ڪناية) لعنت ـ بٽ پاراتو ـ لعن طعن ـ قسٽ لعنت، پڪيءَ جو هڪ قسم.

– **بُجو ڏيڻ:** پوندو ڏيڻ ـ لعنت وجهڻ.

– **بُجو هڻڻ:** پوندو هڻڻ ـ قسٽ لعنت ڪرڻ ـ ملامت ڪرڻ.

• **بِجورڙو:** اسم خاص. تعقلي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِجورو ج بِجورا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم ـ ٽَرَنج.

• **بِجوگ** (ث): ذ. [سن. وِيوگ < وِ = خراب + يوگ = ميلاپ] جدائي ـ وڇوڙو، بدبختي.

• **بَجِي ج بَجِيُون** (ڪ): ث. پلاڙ جي پاسي واري ڪاٺي.

• **بَجيت:** ث. [انگ. budget] سال جي آيت ۽ ڪيت جو تخمينو، سالياني آمدنيءَ ۽ خرچ جو حساب ڪتاب ـ پوتاميل.

• **بَجِيرَ** (ث): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَجْ:** ث. [سن. وَرْج] فروگداشت ـ ترڪ واڻج. [سن. وَرْجِن] عيب ـ نقص ـ وڏ. خامي ـ خرابي.

• **بِجِهڪائڻُ:** مصدر. [سن. پَيَجْكِتَ = ڏيجاريل] ڏيجارڻ ـ پجڪائڻ ـ ڏڪائڻ ـ ڪنبائڻ. ڏڙڪوٽ وجهڻ. (بجهڪايو ـ بجهڪائيندو ـ بجهڪايل).

• **بِجِهڪُڻُ** (ث): مصدر. [سن. پَيَجْكِتَ] ڏڃڻ. وڏڻ (نند ۾) ـ اُڏرڪڻ. (بجهڪيو ـ بجهڪندو ـ بجهڪيل).

• **بَجائڻُ:** مصدر. [سن. وَرْجَيَ < وَرْجْ = جدا ڪرڻ، پاڇي ڪرڻ؛ هـ. بچانا] حفاظت ڪرڻ ـ سنڀال ڪرڻ. نجات ڏيارڻ (آفت يا مصيبت کان). پناهه ڏيڻ ـ اَمان ڏيڻ. حمايت ڪرڻ ـ مدد ڪرڻ. پاڇي ڪرڻ ـ بچائي رکڻ. (بچايو ـ بچائيندو ـ بچايل).

– **بَجاءُ ج بجاءِ، بَجاوُ:** ذ. حفاظت ـ سنڀال. اَمان ـ پناهه. اُجهو ـ سلامتي، چوتڪارو، حمايت، حيلو ـ بهانو. اوٽ. تهمت کان بچڻ لاءِ شاهدي. الزام لاهڻ لاءِ ڏنل ثابتي.

– **بَجائيشهارُ:** ذ. صفت. بچائيندڙ ـ پناهه ڏيندڙ ـ حافظ، حامي ـ مددگار. (ڪناية) خدا تعاليٰ.

– **بَچائي چَڏڻ:** بچت ڪرڻ. اوبارو ڪرڻ (ڪاڌو). ڪنهن ڪم ڪرڻ جي تڪليف کان چڏائڻ. آزار وغيره مان نجات ڏيارڻ.

• **بَچَت ج بچتيون، بَچَتُون:** ث. پاڇي ـ بقايا، رهيل رقم، بچيل شيءِ، نفعو ـ فائدو.

ـ **بَچت ڪرڻ:** بچائڻ. ڪفايت ڪري رقم بچائڻ. ڪنجوسائيءَ سان خرچ ڪرڻ.

• **بَچَرَ ج بَچَرَ** (ت): ذ. صفت. ٽلهو ـ متارو ـ ڏُنبو.

• **بَچَشْم:** ظرف. [ف] اکين سان، اکين تي.

• **بَچُڪانو ج بَچُڪانا:** ذ. [ف. بچگانه = ٻاراڻو، ٻارن جو. لائق] ننڍڙي ٻار کي ٻڌڻ جو ڪپڙو ـ ٻاروتو ـ ٻڌڻو ـ ننجڻ، ننڍي جتي

يا نندا ڪيڏا. ناڇو چوڪرو.

• **بَهْكائي ج بَهْكائيُون:** ث. بوڙهي، ڪسبياڻي، جي وهاريل چوڪري.

• **بَهْكو ج بَهْڪا** (ت): ذ. [ترڪي. بَنجه، بَنجه] بُجهكو.

• **بَهْڻ:** مصدر. اُمن م رهڻ ـ سلامت رهڻ. پناهه م اچڻ. نجات ملڻ (مصيبت مان). چوٽڪارو پائڻ ـ ڇُٽڻ. چڙهڻ (بيماري، مان). اُبهڻ. جيئرو رهڻ ـ جيئڻ. ٽڪڻ. زنده رهڻ. باچي ٽيڻ ـ بچت ٽيڻ. باقي هجڻ. (بچيو ـ بچندو ـ بچيل). (ذ: چوٽڪارو ـ نجات.

• **بَهْڻ (ڪ):** مصدر. مُنهن م وڙهڻ. چڙهن سان ڳالهائڻ. اٻتو سٻتو جواب ڏيڻ. (بُجيو ـ بُجندو ـ بُجيل).

• **بَهْڻُ بادشاهه:** اسم خاص. بُجو خاصخيلي، جو لقب (جنهن انگريزن خلاف ١٨٩٦ ع واري، "حُر تحريڪ" جي تولي جي اڳواڻي ڪئي هئي) "بارهن جٹا ٻهروٽيا. مڪي، پاسي ميز بجو جن جو بادشاهه. پيرو سندن وزير" (مل).

• **بَهْڻُ ڪُوڪڙ:** ث. مڇي، جو هڪ قسم.

• **بَهْڻ:** ذ. [فـ بجه] بُجو ـ ٻار. چوڪرو. ڦُر.

– **بَهْڻ باز:** ڏ.صفت. چوڪرن سان بدفعلي ڪندڙ ـ چوڪري باز ـ لُوطي.

– **بَهْڻ دانُ ج بَهْڻ دانَ:** ذ. گُهمڻ ـ گُهيرڻ ـ رحر.

• **بَهْڻ ج بَهُوڻ:** ٿ. [سن. مَجْ = ڇڏي ڏيڻ. چوڙي ڇڏڻ] (ڪتي کي) ڪنهن تي ڪاهه لاءِ ڏاڪر. ڀُرڪ ـ هُشي. چورٽ ـ ڀُر. حملي جو حڪم. وٺ پڪڙ جو حڪم. ڪاهه ـ اَلَر.

– **بَهْڻ ڏيڻ** (ت): ڀُرڪ ڪرڻ. ڪنهن ڪم لاءِ جوش ڏياري آماده ڪرڻ. هُشي ڏيڻ. آپارڻ.

– **بَهْڻ ڪرائڻ:** بهڻ ڪري مارائڻ. چوري حملو ڪرائڻ.

– **بَهْڻ ڪرڻ:** بُجهڻ ـ بُجهائڻ (ڪُنو) وٺ وٺ ڪرڻ. هُشڪارڻ.

• **بَهْڻُ ج بَهْڻ:** ذ. ڏسو "بَڪ".

• **بَهْڻ ج بَهُوڻ:** ٿ. [سن. بَجْج] بڇڙائي. خرابي ـ برائي. ڏوهه ـ گناهه.

• **بِهاڄ ج بِهاڄُون:** ٿ. [سن. بِهڪْشا] بڪيا ـ خيرات.

• **بُهاڻ ج بُهاڻُون:** ث. [سن. بِبِتْسَ] نفرت .. ڪراهت. ڏڪار ـ حقارت. منيان ـ ڪاوڙ. خار.

– **بُهاڻ اُڇڻ:** نفرت اڇڻ ـ ڪراهت اڇڻ. ڪاوڙ اڇڻ. خار اڇڻ.

– **بُهاڻ پائڻ:** ڪراهت جهڙو سمجهڻ. ڳندو سمجهڻ.

– **بُهاڻ ڏيارڻ:** نفرت ڏيارڻ. ڪاوڙ ڏيارڻ ـ ڪاوڙائڻ. خار ڏيارڻ.

– **بُهاڻ لڳڻ:** ڪراهت اچڻ. خار لڳڻ ـ منيان لڳڻ.

• **بُهائڻ:** مصدر. [سن. مَجْ = ڇڏي ڇڏڻ] بهڻ ڪرڻ. حملو ڪرائڻ. چيڙ ڪرائڻ. مرون، تي ڪتا ڇڏڻ. ڏيجارڻ لاءِ ڪا خوفناڪ شيءِ ڏيکارڻ. پوئتان لاٿي ڇڏڻ (ڦڪڙي). (بُجايو ـ بُجائيندو ـ بُجايل).

• **بُجائي ج بُجايُون:** ث. بُڇڙائي ـ بدڪاري ـ گناهه.

• **بُجڙڻ** (ث): مصدر. ٽوڙو پاڻي وهڻي ڪير واري ٽاڻ، ڪي صاف ڪرڻ ـ وڇوڙڻ (ل) ـ اُڳهاڙڻ. (بُجڙيو ـ بُجڙيل).

• **بُجڙڻ:** مصدر. [هـ. بِجڑنا] وڇڙڻ ـ جدا ٿيڻ.

• **بُجڙو ج بُجڙا:** ذ. [سن. پُرُشَڙه = پٽر] هڏ جي نيشان ڏيکارڻ لاءِ ڪٽيل پٽر. [سن. وَنْس] وڇيرو (ث). ڪُونهون (ث).

• **بُجڙو ج بُجڙا:** ذ. صفت. بُرو ـ خراب ـ ڪنو ـ گندو. اوسنو. ڏپر. ڪوجهو ـ بدشڪل. پاپي. ذليل ـ خوار. (ث) بُجڙي ج بُجڙيُون.

– **بُجڙاپو ڏيڻ:** خراب ڏپ وجهڻ ـ گهٽو ڏيجارڻ. ساه جو خوف ڏيارڻ.

– **بُجڙائي ج بُجڙائيُون:** ث. خرابي ـ بدي ـ برائي.

– **بُجڙائيُون ڪرڻ:** خرابيون ڪرڻ ـ بديون ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ.

– **بُجڙو ڪرڻ:** خراب ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

• **بُجڙي ج بُجڙيُون (ت):** ث. ٻلا جو هڪ قسم ـ پيڙ ـ ڦُنوڪٽي.

• **بُجڙي (ت):** ث. ول جو هڪ قسم (جيڪا وڻ تي چڙهي).

• **بُجهكو ج بُجهڪا (ت):** ذ. بُجهكو.

• **بُجهناگ:** ذ. [سن. وِشْ ناڳ] زهر جو هڪ قسم (جو هڪڙي وڻ جي ڇاڙ مان ڪڍيو آهي. ۽ دوا طور ڪم آيندو آهي) ـ ـ مِنو زهر ـ ورڪ.

• **بُجهڻ:** مصدر. [سن. مَجْ = چوڙي ڇڏڻ] ڪُتي کي ڪنهن ماڻهوءِ يا مرون، تي چيڙڻ. حملو ڪرائڻ. وڙهڻ لاءِ يڙڪائڻ. لاٿي ڇڏڻ (ڪا مصيبت). (بُجيو ـ بُجيندو ـ بُجيل).

• **بُجو ج بُجا:** ذ. صفت. بُجڙو ـ خراب. مندو. گنهگار. گندو ـ گندلو.

• **بُجهائي ج بُجهائيُون:** ٿ. بُڇڙائي ـ خرابي ـ بدي.

• **بُجي ج بُجيُون:** ث. بُڇڙائي ـ بدي "موجاري".

• **بُجي ج بُجيُون:** ث. بُڇڙائي ـ بدي "موجاري محمد صـ وٽي. بُجيان بيزاري" (گرهوڙي).

• **بِجيا ج بِجيائُون:** ث. بڪيا ـ خيرات.

• **بُجيو ج بُجيا (ل):** ذ. صفت. بُجڙو ـ خراب (ماڻهو).

– **بُجيانُ:** ظرف. بڇڙائي، ڪان ـ بدي، ڪان. خراب ماڻهن ڪان.

• **بُحاث:** ذ. صفت. [ع] وڏو بحث ڪندڙ ـ حُجت هلائيندڙ.

• **بُحال:** ظرف. [فـ بـ + ع. حال = چڱي، حالت م] برقرار ـ قائم. صحيح ـ درست ـ نيڪ.

– **بُحال رکڻ:** قائم رکڻ ـ بدستور رکڻ.

– **بُحال ڪرڻ:** دوباره ساڳئي عهدي تي مقرر ڪرڻ. برطرف ٿيل ملازم

کي وري ساڳئي کان تي قائم رکڻ. بدستور اجازت ڏيڻ. منظور کرڻ. مباح کرڻ.

– **بحال هُئڻ:** منظور هئڻ. وري مقرر ٿيڻ. تندرست ٿيڻ ـ جاق ٿيڻ.

– **بحالي ج بحاليُون:** ث. اجازت ـ منظوري. قبوليت.

• **بَحت:** خالص. ذات جت ـ خالص ذات، حق حقيقت "آءٌ ٻيون ڏيئي ٻن، ٻيئا ذات بحت ڏونہ" (لطف الله قادري).

• **بَحْث ج بُحُثہ:** ذ. [ع] مباحثو ـ لفظي تکرار. ردڪدّ. د. هوڏ. وکيل جي. ڪنهن جڳ جي سامهون دليلبازي.

• **بحثابحثي:** ث. بحث مباحثو. هڪٻئي سان دليلبازي. رد ڪدّ.

– **بحثائتو ج بحثائتا:** ذ. صفت. بحث ڪرڻ جهڙو. بحث ڪرڻ جي لائق. نڪته چيني، جوگو.

– **بحث مُباحِثو ج بحث مُباحِثا:** ذ. هڪٻئي سان بحث ـ رد ڪد. دليلبازي ـ مناظرو.

– **بحثي ج بحثي:** ذ. صفت. بحث ڪندڙ. ضدي. هوڏي.

• **بَحْثَڻ:** مصدر. [ع. بَحْث] بحث ڪرڻ.

• **بَحْر ج بُحُر:** ذ. [ع] درياءَ. سمنڊ. مڪيہ پنج بحر (وڏا سمنڊ) آهن. ١. بحر اوقيانوس (اٽلانٽڪ) ٢. بحر آلڪاهل (پئسفڪ) ٣. بحر هند (هندي) ٤. بحر مُنجمد شمالي (آترين برف چانيل) ٥. بحر منجمد جنوبي (ڏاکڻين برف چانيل). جهازن جو آرماڙ. ٻيڙين جي قطار ـ ٻيڙو. صوفين جي اصطلاح ۾ "هي، دنيا" ـ خاڪي عالم ـ فاني جهان. (اصطلاحاً) (صفت) فياض. وڏي علم وارو ـ عالم. تيزفهم ـ هوشيار ـ ذڪي. (ذ) غور ـ فڪر ـ ويچار. موزون شعر لاءِ علم عروض جو قائم ڪيل وزن (عام مشهور اوٿيہ بحر: ١. طويل (فَعُولُنْ مفاعيلُنْ فَعُولُنْ مفاعيلُنْ) ٢. مديد (فاعلاتُنْ فاعلُنْ فاعلاتُنْ فاعلُنْ) ٣. بسيط (مُسْتَفْعِلُنْ فاعلن مُسْتَفْعِلُنْ فاعلُنْ) ٤. كامل (مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ) ٥. وافر (مفاعَلَتُنْ مفاعِلَتُنْ مفاعِلَتُنْ مفاعِلَتُنْ) ٦. هَزَج (مفاعيلُنْ مفاعيلُنْ مفاعيلُنْ مفاعيلُنْ) ٧. رَجَز (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ٨. رَمَل (فاعلاتُنْ فاعلاتُنْ فاعلاتُنْ فاعلاتُنْ) ٩. مُنسرح (مُسْتَفْعِلن مَفْعولات مُسْتَفْعِلن مَفْعولات) ١٠. مُضارِع (مفاعيلُنْ فاعِلاتُنْ مفاعيلُنْ فاعِلاتُنْ) ١١. مُقْتَضَب (مَفْعولاتُ مُسْتَفْعِلن مَفْعولات مُسْتَفْعِلن) ١٢. مُجْتَث (مُسْ تَفْع لُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٣. سَريع (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مَفْعولات) ١٤. جَديد (فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ١٥. قَريب (مفاعيلُنْ مفاعيلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٦. خَفيف (فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٧. مُشاكِل (فاعِلاتُنْ مفاعيلُنْ مفاعيلُنْ) ١٨. مُتَقارِب (فَعُولُنْ فَعُولُن فَعُولُن فَعُولُن) ١٩. مُتَدارِك (فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ).

– **بَحرِ آبيض:** ذ. آڇو سمنڊ (جو روس جي اُتر ۾ آهي).

– **بحر اَحمر، قُلزم:** ذ. ڳاڙهو سمنڊ (جو عربستان ۽ آفريڪا جي وچ ۾ آهي).

– **بَحرِ اَسْوَد:** ذ. ڪارو سمنڊ (ڪنسپين ونڊ جا روس جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي).

– **بَحرالعُلوم:** ذ. علمن جو درياءَ. وڏن عالمن جو لقب. مولانا رومي، جي مثنوي، جي هڪ شرح جو نالو.

– **بَحرِ بيڪران:** ذ. اُهو درياءَ جنهن جو ترو لهي نہ سگهجي ـ اَٿاهہ سمنڊ. تمام اونهو سمنڊ.

– **بَحرِ زَخّار:** ذ. لهرين ڏيندڙ سمنڊ ـ مُتلاطم سمنڊ. اَٿاهہ سمنڊ ـ تمام اونهو بحر.

– **بَحرِ ظُلُمات:** ذ. اٽلانٽڪ وڏو سمنڊ.

– **بَحرِ قازُم:** وڏيون ڳالهيون ٿيڻ ـ ٻڙاڪون لڳڻ.

– **بَحرِ قازُم:** وڏيون ڳالهيون ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ (ڳالهين ۾) ـ اَتي قازُم. حد کان زياده تعريف ڪرڻ.

– **بَحرِ ۾ پوڻ:** ڏکڻي ڳالهہ شروع ڪرڻ. جهڳي، ۾ پوڻ. ڪنهن ڳالهہ تي حد کان زياده ڳالهائڻ. ڏاڍو روئڻ (ٻار).

– **بَحرو ج بَحرا:** ذ. پاڻي، جو ديوتا. درياءَ. پاڻي.

– **بَحْري ج بَحْري:** ذ. صفت. بحر جو ـ ساموندي. دريائي.

– **بَحري باز:** ذ. هڪ قسم جو ڪاڪ اکيو باز "هينئيڙو بحري باز. چائي ويو چنبن ۾" (شاهہ).

– **بَحْري بحرو ج بَحري بحرا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ بڪبڪيو. وات قاتوڙو. (ذ) بهري باز جو نر. تڪو گهوڙو.

– **بَحري فَوج بَهري فُوجُون:** ث. دريائي لشڪر. Navy.

• **بُحْران ج بُحْران:** ذ. [ع] بيماري، جي نازڪ گهڙي (موت ۽ حيات جي وچ ۾ مقابلو). نازڪ حالت.

• **بَحْرانو بحرانو ج بَحْرانا، بُحْرانا:** ذ. بحر جو نڊرانو. درياءَ يا پاڻي، جو نڊرانو. هندن جي هڪ ڏرمي رسم (جنهن ۾ آتي جو وڏو پٽوڙو ناهي. اَن ۾ سينڊر ۽ گل ڦل هڻي. جومڪو ڏيو باري. وڃي پاڻي، ۾ نڊراني طور ڇڏيندا آهن. اِهو ڪريا ڪرم اڪثري درياءَ پنڌي ڪندا آهن. ۽ ٻن هندو عورتون حامل هجڻ جي حالت ۾ پنجين، ستين ۽ نائين مهيني ڪڏڪ يا جوٽر جو ڳوڙهو پيٽ تان گهمائي درياءَ ۾ وجهنديون آهن. اَن کي بہ بحرانو چئبو آهي. کي هندو وري ڪات جو نڊڙو تابوت ناهي. اَن سان ڳائيندا نچندا. ڏهل شرنايون

وڃائيندا، درياءَ تي وڃي رسر ادا ڪندا آهن).

• **بَحْرو:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ مشهور گهوڙي جو نالو.

• **بَحْرو وڃائي:** اسر خاص. لاڙ جي چٽن مشهور درويش (ابراهيم ناگورائي ۽ ساٽين) مان هڪ درويش.

• **بَحْري ج بَحْرِيُون:** ث. [ع] مشهور شڪاري پکي ـ باز جو هڪ قسم ("ڪلهيو باز" يا "بحري باشي" يا "بحري بچي" جي مادي. مٿو اڇو ۽ وڏي ڪلهن تي ڳاڙهو رنگ. سياه چشم. يعني اکيون ڪاريون. ڳچيءَ ۾ ڪارو پٽو. اڏامڻ جو تيز. Peregrine falcon (falco peregrinus). "جائي ويا چنبن ۾. جيئن باز سٽي بحري" (شاه).

• **بَحري باشو:** ذ. مشهور شڪاري پکي ـ سياه چشم ڪلهيو باز ـ بحري بچو ("بحري" جو نر). ـ Peregrine falcon (falco peregrinus).

• **بَحري فِدي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **بَحْرين:** ذ. [ع] ٻه سمنڊ (پونءُ سمنڊ ۽ ڪارو سمنڊ). ايراني نار ۾ هڪ بيٽ ۽ شهر (جو مرتبين کان مشهور آهي).

• **بِحَسْبِ:** ظرف [ع] موافق ـ موجب.

– **بِحَسْبِي ج بِحَسْبِي:** ذ. صفت ڏسو. "بحسي".

• **بِحُكْمِ:** ظرف. [ع] حڪم سان ـ فرمودي موجب.

• **بَحِيرا:** اسر خاص. [ع] هڪ نسطوري عيسائي راهب جو نالو (جنهن حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کي، حضرت ابو طالب سان ڏٺو. کين سڃاتو هو تہ هو آخر زماني جو نبي آهي).

• **بَحِيرَهْ:** ذ. [ع] ننڍڙو سمنڊ. ڍنڍ.

• **بُخارُ ج بُخارات:** ذ. [ع] ٻاڦ ـ آب. گرمي ـ حرارت. تپ ـ هَرو ـ لڳ. جڙ ـ خاز. ڪاوڙ ـ غصو. رنج ـ ڏک.

– **بُخارِ آهِنْ:** تپ آڇڻ ـ تپ چڙهڻ.

– **بُخارِ ٽِيڻ:** تپ ٽيڻ ـ لڳ ٽيڻ.

– **بُخارِ چڙهڻ:** تپ چڙهڻ ـ تپ جو زور ونڻ.

– **بُخارِ چنڊِڻ:** ڪاوڙ چنڊِڻ. ساڙ ڪڍڻ ـ اندر جو بار هلڪو ڪرڻ.

– **بُخارِ رکڻ:** اندر ۾ ساڙ سانڍڻ.

– **بُخارِ ڪڍڻ:** غبار ڪڍڻ. اندر جو ساڙ ڪڍڻ ـ دل جو جوش ڪڍڻ. ڪاوڙ چنڊِڻ. دل جو بار هلڪو ڪرڻ.

– **بُخارِ لاهڻ:** دل جو جوش هلڪو ڪرڻ ـ ڪاوڙ چنڊِڻ.

• **بُخارا:** اسر خاص. ترڪستان جي هڪ پرڳڻي ۽ شهر جو نالو. جو اڳ اسلامي علوم جو مرڪز هو.

– **بُخاري:** ذ. صفت. شهر بُخارا جو رهاڪو. (اسر خاص) مشهور محدث ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاريءَ جو تاليف ڪيل حديثن جو ڪتاب ـ صحيح بخاري. سنڌ جي ساداتن جي مشهور قبيلن (الڪياري. مٽياري. بخاري) مان هڪ قبيلي جو نالو (جن جا وڏا بخارا مان آيا).

• **بُخارو ج بُخارا:** ذ. [ع. بُخار] دونهين جي نيڪال لاءِ پت جي اندران ٺهيل نالي ـ چمني. (ث) بخاري (= ڪُل).

• **بُخائِڻُ:** مصدر. [ف. بُخَيَ] بخيو هڻائڻ ـ تورپو هڻائڻ. سِبائڻ. (بخايو ـ بخائيندو ـ بخايل).

• **بَخْتُ ج بَخْتَ:** ذ. [ف] پاڳ ـ طالع ـ نصيب ـ قسمت.

– **بخت آزمائي:** ث. نصيب آزمائي ـ قسمت آزمائي.

– **بَخْتاوَرُ ج بَخْتاوَرَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ پاڳوارو ـ خوش نصيب ـ سپاڳو.

– **بَختاوَري:** ث. سپاڳائي ـ خوش قسمتي.

– **بَخت بازي:** ث. قسمت آزمائي ـ بخت آزمائي.

– **بَخت بَرْگَشْتو:** ذ. صفت. [بخت + برگشته = ڦريل] اونڌي نصيب وارو ـ نپاڳو ـ بدنصيب.

– **بَخت بُلَند:** ذ. مٿانهون بخت ـ اعليٰ نصيب.

– **بَخت بيدارُ:** ذ. صفت. سپاڳو ـ خوش نصيب ـ بختاور.

– **بَخت پَرائِنْ:** پاڳ ورڻ ـ نصيب جو وارو ورڻ. وارو لڳڻ ـ موقعو ملڻ.

– **بَخت خُفْتَه:** ذ. سُتل نصيب ـ نپاڪ ـ اَپاڳ.

– **بَخت ساجو ٽِيڻ:** پاڳ پَرائِڻ. قسمت جاڳڻ. بخت کلڻ. وارو ورڻ. اقبال وڌڻ.

– **بَخْتِ سُفيد:** اُجو بخت ـ نيڪ بخت ـ سپاڳ. (صفت) سپاڳو.

– **بَخت سِياهَ:** ذ. نپاڳ ـ چنڀائي. نحوست (صفت) نپاڳو ـ بدبخت.

– **بَخت کي اِلْتُون هڻڻ:** پاڳ کي لتون هڻڻ. ناشُڪري ڪرڻ.

– **بَختيارُ ج بَختِيارَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ بختاور ـ سپاڳو ـ خوش نصيب.

• **بَخْتاوَر پُور:** اسر خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُخْتُ نَصَّرُ:** اسر خاص. قديم زماني جي هڪ سرڪش بادشاهه جو نالو (جو بابل جو بادشاهه هو ۽ جنهن يروشلم کي ٻ دفعا ناس ڪيو هو).

• **بُخْتِي ج بُخْتِي:** ذ. [ف] باختر يا بلخ جو ٻن ٿوهن وارو اُٺ. (ڪناية) ٻلو اُٺ. مهري اُٺ.

• **بَخْتِيارپور:** اسر خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو (جتي جا قاضي ۽ ڪاتب مشهور ٿي گذريا).

• **بَخُرو ج بَخُرا:** ذ. [ف. بهُره] حصو ـ پاڳو ـ پتي "ڇهون بَخُرو پيءُ ڪي، جان ست پَٽ پوتا" (گرهوڙي)، نصيب ـ بخت، انعام ـ بخشش "رمضان واپو روز گهري ٿو. بخرو مونکي ڏات ڏيو" (رمضان).

– **بَخُريٽ ج بَخُريٽَ:** ذ. صفت. پتيار ـ پائيوار ـ حصيدار ـ شريڪ.

• **بَخْش:** ٿ. [ف] معافي، بخشش ـ امداد، انعام ڏانڪو لام الف سين. پي سنديءَ بخشا" (گرهوڙي)، حصو پاڳو. بخشيندڙ ـ ڏيندڙ "فرحت بخش، امام بخش، وغيره".

– **بَخش جو بَهرو ڏيڻ:** پلاڻي پالڻ ڪرڻ. تمام گهڻي مهرباني ڪرڻ. وڏا احسان ڪرڻ. عين نوازش ڪرڻ.

– **بَخش بَخش ڪرڻ:** پاڻ ڪرڻ. پورا پورا ڪرڻ.

– **بَخش ڪرڻ:** معاف ڪرڻ ـ معافي ڏيڻ ـ بخشڻ. امداد ڏيڻ. ڏانڪو ڏيڻ.

• **بَخشاپور:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَخْشائي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَخْشاهُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَخْشائِش:** ٿ. [ف] معافي، ڏانڪو ـ انعام، امداد ـ بخشش.

• **بَخْشائِڻ:** مصدر. [ف. بخشيدن] ڏوهه معاف ڪرائڻ. بخش ڪرائڻ. معافي گهرڻ. (بخشاير ـ بخشائيندو ـ بخشايل).

– **بَخشائِي ج بَخشائِيون:** ٿ. بخش ڪرائڻ جي حالت. معافي، پرچائي ـ پرچاءُ.

• **بَخْش پور:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَخْشِشْ ج بَخْشِشُون:** ٿ. [ف] معافي، انعام ـ عطا، ذات ـ امداد، خيرات.

– **بخشش نامو ج بخشش ناما:** ذ. ڪنهن شيءِ بخش ڪرڻ جي لکيت ـ هيءَ نامو.

• **بَخْشِنْدَه:** ذ. [ف] بخشيندڙ ـ ڏيندڙ ـ ڏاتار.

• **بَخْشُڻ:** مصدر. [ف. بخشيدن] معاف ڪرڻ ـ بخش ڪرڻ. امداد ڪرڻ. عطا ڪرڻ. ڏانڪو ڏيڻ ـ انعام ڏيڻ. (بخشبو ـ بخشيندو ـ بخشيل). (اسم خاص) مرد جو نالو.

– **بَخْشْهارْ ج بَخشْهار:** ذ. صفت. بخشيندڙ ـ معاف ڪندڙ. ڏاتار ـ ڏيڻهار "بخشين بخشڻهار، ڏيئي پاند پناهه جو" (شاهه).

• **بَخْشُون:** ٿ. (هميشه جمع ۾ ڪم اينڊ لفظ) وقتي نڪاح ـ متعه.

– **بَخشون وهڻ:** وقتي نڪاح وهڻ ـ متعه ڪرڻ.

• **بَخْشِي ج بَخْشِي:** ذ. [ف] فوج جو مهندار ـ سپهه سالار.

– **بَخْشي خانه:** ذ. سپهه سالار جي آفيس.

• **بَخْل:** ذ. [ع] ڪنجوسائي ـ مرڻوائي ـ تنگدلي.

• **بَخمَل ج بَخمَلُون:** ٿ. [ف. مخمل] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم ـ مخمل، گل جو هڪ قسم.

– **بَخملي ج بَخملي:** ذ. صفت. بخمل مان ٺهيل ـ مخملي، لَسو ـ نرم.

• **بَخَڻ:** مصدر. [ف. بخيه] بخيو ڏيڻ ـ سيڻ. (بخيو ـ بخيندو ـ بخيل).

• **بَخو ج بَخا:** ذ. ڏسو "بَخيو".

• **بَخُور:** ذ. [ع] ڏوپ ـ واس.

• **بَخيلُ ج بَخيلَ:** ذ. صفت. [ع] ڪنجوس ـ ڪَوَر ـ مرجوٽ ـ مکي ڇوس ـ مُوذي، جيڙاڪ.

– **بَخيلي:** ٿ. ڪنجوسائي ـ تنگدلي، چڙ ـ ڪاوڙ، خار.

• **بَخْيو ج بَخْيا:** ذ. [ف. بخيه] سنهون ٽوپو (جنهن ۾ ڏاڳو هر هڪ سوراخ مان ٻه دفعا لنگهائيو آهي).

– **بخيو ڏيڻ، هڻڻ:** سنهو ٽوپو ڏيڻ. سيڻ.

• **بَدْ، بَدِ:** صفت. [ف] خراب ـ ڪنو ـ بُڇڙو ـ گندو ـ مدو، ريل ـ جَت ـ نڪمو ـ بيڪار، پليد ـ ڪوڙو.

– **بَد اِتفاق:** ذ. [ف. بد + ع. اِتفاق] خراب واقعو ـ خراب حادثو.

– **بَد اَخْتَر:** ذ. صفت. [ف] جنهن جو ستارو خراب هجي. نياڳو ـ نندورو، نحس ـ چندو.

– **بد أَخْلاق:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. اخلاق] بڇڙن عادتن وارو ـ بدفضيلت.

– **بَد أَخلاقي:** ٿ. بُڇڙي عادت، بدفضيلتي، ناڪتي، بي ادبي.

– **بَد اِرادَه:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. اراده] بڇڙي ارادي وارو ـ بد نيت.

– **بَد أُسْلوب:** ذ. [ف. بد + ع. اسلوب] بي ڍنگو، بدفضيلت ـ بداخلاق، گمراهه.

– **بَد أَسلوبي:** ٿ. بدفضيلتي ـ بي ڍنگائي، گمراهي ـ ضلالت.

– **بَد أَصْل:** ذ. صفت. [ف + ع] بد ذات ـ بي بنياد، ڪميڻو.

– **بَد أَطْوار ج بَد أَطْوار:** ذ. صفت. [ف ـ ع] خراب عادتن وارو.

– **بَد اِعْتِقاد ج بَد اِعْتِقاد:** ذ. صفت. [ف ـ ع] خراب عقيدي وارو.

– **بَدْ أَعْمالَ ج بد أَعْمال:** ذ. صفت. [ف ـ ع] بڇڙن ڪمن وارو ـ بدڪار ـ فاسق.

– **بَد أَفعال، أَفعالو ج بَد أَفعالَ، أَفعالا:** ذ. صفت. [ف ـ ع] بُرا ڪم ڪندڙ ـ بدڪار، بدتهذيب، بدفضيلت.

– **بَد أَفعالي ج بَد أَفعاليون:** بد ڇڙتائي ـ بدفضيلتي ـ بد اخلاقي، بد تهذيبي.

– **بد اَمْنِي ج بد اَمْنِيُون:** ث. [ف. بد + ع. امن] بي سلامتي. وِگوڑ واري حالت. فساد.
– **بد اِنْتِظامي:** ث. [ف. بد + ع. انتظام] بي بندوبستي. اَنڈ ڈنڈ.
– **بد اَنْجامَ:** ذ. صفت. [ف] جنهن جي پڇاڙي خراب اچي. ـ بد عاقبت.
– **بد اَنْديشْ ج بد اَنْديش:** ذ. صفت. [ف] مَٹ گهرو ـ بدخواهه. دشمن ـ ويري. کِيني وارو ـ بغضي.
– **بداَنْديشي:** ث. مَٹ گهرائي ـ بدخواهي. دشمني ـ ويرِ. بُغض ـ حسد ـ کِينو ـ چاوت. بيخيالي ـ غلطي ـ پَل. کوتاهه بيني.
– **بد باطِنْ:** ذ. صفت. [ف + ع] دل جو پليد ـ اَندر کوتو.
– **بد بَخْتَ ج بد بَخْتَ:** ذ. صفت. [ف] بد نصيب نياڳو ـ چندو.
– **بدبَختي:** ث. بدنسمتي ـ بدنصيب ـ نياڳ ـ چندائي.
– **بدبُو:** ث. [ف. بدبوْ] خراب باس ـ ڏَپ ـ غَفونت ـ "خوشبو" جو ضد.
– **بد تَرْ:** صفت. [ف] وڌيڪ بچرو ـ ويتر خراب.
– **بدتَرين:** صفت. سڀ کان وڌيڪ خراب ـ بلڪل خراب. ڀنهه ڇڏ.
– **بد تَمِيزْ:** ذ. صفت. [ف + ع. تَمِيزْ] نندي وڏي سان خراب نموني ۾ پيش آيندڙ ـ بدتهذيب. بداخلاق. بدافعالو. گستاخ.
– **بد تَهْذيب:** ذ. صفت. [ف + ع] بدتميز ـ بي ادب ـ بدفضيلت.
– **بد پرهيزْ ج بد پرهيز:** ذ. صفت. [ف] کاڌي پيتي وغيره ۾ سنڀال نه ڪندڙ ـ رَکَ يا ڪري نه ڪندڙ. سَڀرُ نه ڪندڙ.
– **بد پرهيزي:** ث. پرهيز نه ڪرڻ جي حالت. بي احتياطي. بي پردگي.
– **بدپيشو:** ذ. [ف. بدپيشه] بُڇڙو ڌنڌو ـ ڪَسَبَ ـ حرامڪاري.
– **بدپيشهْ، پيشي:** ذ. صفت. خراب پيشو ڪندڙ ـ زناڪار. ڪَسبي.
– **بدجِنْس:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب ذات واروـ ڪمينو.
– **بد چالِ:** ذ. صفت. [ف. بد + هـ. چال] خراب چال واروـ آواره ـ اوباش. زناڪار.
– **بد چَشْم:** ذ. صفت. [ف] برائيءَ عورت ڏانهن ٻُريءَ نگاهه سان ڏسندڙ ـ ميري اک واروـ حاسد ـ بدخواهه.
– **بد حالْ ج بد حالَ:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب حالت واروـ ڏُڪريل ـ تباهه حال.
– **بد حالي:** ث. خراب حالت ـ تباهه حالي. مسڪيني ـ تنگدستي.
– **بد حواسْ ج بد حواس:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. حاس. حَوْسا (= جانچڻ. معلوم ڪرڻ) > سندي. حواس = معلوم ڪرڻ جي اِندري] حواس خطا ٿي ويل ـ گهبرايل. حيران ـ پريشان.
– **بد حواسي:** ث. گهبراهٽ ـ پريشاني ـ مونجهارو.
– **بد خِصالْ:** ذ. صفت. [ع +ف] خراب خصلتن واروـ ڪُلڇٽو ـ بد چال. بد عادت ـ بغد فضيلت.
– **بد خَصْلَت، خَصْلتو:** ذ. صفت. خراب عادتن واروـ بد عادتو ـ بدلچٽو ـ بد فضيلت.
– **بدخُلقْ:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب افعالن واروـ بدلچٽو. بدتهذيب ـ بي ادب.
– **بدخُو:** ذ. صفت. [ف] بچڙين عادتن واروـ ڪُلڇٽو. سُونڊ مُنهون ـ زکو. رک مُنهون.
– **بدخُوئي:** ث. خراب طبيعت. خراب عادت.
– **بد خواهْ ج بدخواهَ:** ذ. صفت. [ف] بُري جي بُرائي چاهيندڙ ـ مَٹ گهرو ـ بدانديش. دشمن ـ ويري. مخالف.
– **بد خواهي ج بد خواهِيُون:** ث. مَٹ گهرائي ـ بدانديشي. دشمني ـ عداوت.
– **بَدْ دُعا ج بد دعائون:** ث. [ف + ع] بيٽ ـ پاراتو.
– **بد دِلْ:** ذ. صفت. [ف] ناخوش. ناميد ـ مايوس. ڪڪ ـ بيزار. بد گمان.
– **بد دِيانَت:** ذ. صفت. [ف. بد + ديانت = چڱي عادت هٹ] ڪپتيو ـ خيانتي. فريبي ـ دغاباز.
– **بد دِيانَتي:** ث. ڪُپت ـ خيانت. دغا.
– **بد دِينْ:** ذ. صفت. [ف + ع] دين کان ڦريل. بداعتقاد. گمراهه.
– **بد ذات:** صفت. [ف + ع] گهٽ ذات ـ ڪمذات ـ ڪمينو.
– **بد ذِهنْ:** ذ. صفت. [ف + ع] جنهن جو ذهن خراب هجي ـ ڪند فهم ـ موڳو.
– **بد راهْ:** ذ. صفت. [ف] بدچال ـ بدڪار. آواره ـ ڪَريل. گمراهه.
– **بدراهه ڪرڻ:** بد چال ڪرڻ. گمراهه ڪرڻ. اغوا ڪرڻ ـ پڃائڻ (عورت).
– **بد رَفْتار:** ذ. صفت. [ف] خراب روش هلندڙ ـ بدچال.
– **بد رَفتاري:** ث. خراب روش ـ خراب چال.
– **بد رِکابْ:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. رِکاب = رڪيب] اُهو گهوڙو جو جڙهي، جو ڏکيو هجي ـ اُهنڌ گهوڙو.
– **بد رَنْگ:** ذ. صفت. [ف] خراب ۽ ڦِڪي رنگ واروـ گدو (رنگ جو).
– **بدرَوْ:** ذ. صفت. [ف] خراب چال واروـ بد رفتار. (ث) ڪني پاڻي، جي موري ـ ڪَسي.
– **بد روزگارْ:** ذ. صفت. [ف] بدنصيب ـ بدبخت. بدحال.
– **بد زَبان:** ذ. صفت. [ف] خراب نموني ڳالهائيندڙ ـ گارگند ڪندڙ ـ

کَج مشیندڑ ـ بدگو ـ بدکلام. سخت کلامي کندڑ.

– **بد زَباني:** ث. گار گند ـ بد کلامي ـ فحش. سخت کلامي. گستاخي.

– **بد زیبْ، بد زیبو:** ذ. صفت. [ف] بد نما ـ کوجهو ـ نه وٹندڑ ـ بدصورت.

– **بد ساعَت:** ث. [ف+ ع] خراب گهڑي. کُمهلائي.

● **بدستور ـ حسب معمول.** قبولَ ـ منظور. وري نوکريءَ تي قائم (برطرف ٹيل ملازم).

– **بد سرِشْت:** ذ. صفت. [ف] خراب طبيعت وارو.

– **بد سِکال:** ذ. صفت. [ف] بدخواه ـ مٹ گهڑو.

– **بدسِکالي:** ث. مٹ گهڑائي ـ بدخواهي.

– **بد سُلوکْ:** ذ. صفت. [ف+ ع] خراب سلوک وارو ـ بدروش.

– **بد سُلوکي:** ث. خراب ورتاءَ ـ خراب روش. مُنْهن رُکائي. ناسازي ـ کُلفت ـ أَٹبٹ.

– **بد سَلیقَہ:** ذ. صفت. [ف] بي ڈنگو. بدتهذيب. بد عادت. بي ادب.

– **بد سَوَہْ، سَوْہْ ج بد سَوَہْ، سَوْہْ:** ذ. خراب سوچ ـ بد شگون ـ بدفالَ.

– **بد سیرَتْ:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. سِیْرة] بدکردار. بداخلاق. بد فضيلت ـ بي ادب.

– **بدشکِلْ:** ذ. صفت [ف. بد+ ع. شَکْل] بدصورت ـ کوجهو ـ بچڑو. بدزيب. بيڈَولو.

– **بدشُگُون:** ذ. [ف] بد فالَ ـ بدسَوچ. بُرو ـ نحس. (صفت) چندبو ـ نپاڳو ـ منحوس.

– **بدشُگُوني:** ث. نپاڳائي ـ چندائي. بدسوچي ـ بد فالَ.

– **بد صُورت:** ذ. صفت. [ف+ ع] بچڑو ـ بد شکل ـ کوجهو. بيڈَولو.

– **بدطِینَت:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. طِیْنَة = مزاج. طبع] خراب خصلتن وارو ـ بدخو. خراب طبيعت وارو ـ بدمزاج. بد ذات ـ بد بنياد.

– **بد طِینَتي:** ث. بد مزاجي ـ بد خوئي.

– **بد ظَنّ:** ذ. صفت. [ف+ ع] بد گماني ـ شک.

– **بد عَمَلي ج بد عَملیُون:** ث. [ف. بد + ع. عمل] بداعمالي ـ أنڈير. بدأمني ـ بي بندوبستي. بدانتظامي.

– **بد عَہْدَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] انجام نه پاڑيندڑ ـ وعده خلاف ـ بيوفا.

– **بد عَهدي:** ث. وعدي شکني ـ بيوفائي.

– **بد فِعْلَ ج بد فِعْلَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] خراب کم ـ بچڑو کر.

– **بد فِعْلو ج بد فِعْلا:** ذ. صفت. بدکردار ـ بدأعمالو. بداخلاق.

– **بد فِعْلي ج بد فِعْلیُون:** ث. بدکاري. حرامکاري ـ زنا.

– **بدکارَ ج بدکارَ:** صفت. [ف] بُرا کر کندڑ ـ بدکردار ـ بداعمال. ڈوهاري ـ گنهگار.

– **بد کِردارَ ج بدکِردارَ:** ذ. صفت. [ف] بدکار.

– **بدکِرداري:** ث. بدکاري ـ حرامکاري.

– **بدکَلامَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] اَڈنگو ڳالهائيندڑ ـ خراب گفتگو کندڑ ـ بدگو.

– **بد کَلامي:** ث. بيڑي ڳالهه. خراب گفتگو. سخت يا اَٹوٹندڑ گفتگو گارگند.

– **بدکیشْ:** ذ. صفت. خراب مذهب وارو. بداخلاق. بدچال.

– **بدگُمانْ:** ذ. صفت. [ف] کنهن تي يقين نه کندڑ ـ بي اعتبار ـ شکي.

– **بدگُماني ج بد گُمانیُون:** ث. بدظني. بي اعتباري. شک ـ شبهو.

– **بد گو ج بدگو:** ذ. صفت. [ف] خراب ڳالهائيندڑ ـ بدکلام. گِلا خور. چغل.

– **بدگوئي:** ث. بدکلامي ـ گارگند. گِلا ـ بدي. چغلي.

– **بد گوهَر بدگُهَرْ:** ذ. صفت. [ف] بدنسل ـ بد بنياد ـ کمذات.

– **بد لِحاظ:** ذ. صفت. [ف+ ع] بي لحاظ. کُدو. نافرمان.

– **بد لَگامْ، بد لَغامْ:** ذ. صفت. [ف] اَهو گهوڑو جو لغام سان به سُنوت نه ڏئي ـ اَهند ـ سرکش (گهوڑا). گَهه کندڑ. زبان پنهنجي وس نه رکندڑ. بد زبان ـ بدگو ـ بدکلام. چِڑواڳ. بي ادب ـ بدفضيلت.

– **بد مذهَب:** ذ. صفت. [ف+ ع] خراب مذهب وارو. فرقيباز. بُت پرست.

– **بدمزاجْ ج بد مِزاجَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] خراب طبيعت وارو. رُکي سُڀاءَ وارو. بدفضيلت. چيڑاڪ ـ تيز مزاج. خارياز. سرکش.

– **بد مِزاجي:** ث. خراب سُڀاءَ. رُک مَنهائي. سرکشي. آکڙ ـ سيٹ. خارپازي.

– **بد مَزگي:** ث. [ف] بي سواداڻي. ذائقو يا سواد خراب هئڻ جي حالت. اَٹبٹ. رنجش. جهيڑو جهٹو. طبيعت جي خرابي ـ ناچاقائي.

– **بدمَزَہْ:** ذ. صفت. [ف] بيسواد. اَلوٹو ـ قِسکو. بيمار ـ اگهو.

– **بدمَسْتْ ج بدمَسْتَ:** ذ. صفت. [ف] نشي ۾ چور ـ اَلوٹ ـ مدهوش. شهوتي ـ کامي. خراب حال ـ بدحال.

– **بدمَسْتي:** ث. مدهوشي. خراب حالت. شهوت پرستي. اهنڌائي ـ اَرڏائي ـ خرمستي. بيپرواهي.

– **بد مَعاشْ ج بدمعاشَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] بدچال ـ شرير ـ لچو. بداخلاق ـ بدافعال. لفنگو ـ آواره ـ اوباش ـ کميٹو.

– **بد مَعاشي ج بد مَعاشِیُون:** ث. بد اخلاقي ـ بدچالي. لچائي. کميٹپ.

– **بد مُعاملگي:** ث. [ف] ڏيتي ليتيءَ ۾ بي ايماني. دغابازي ـ نگي ـ کُپت. وعدي خلافي.

– **بد مُعامله:** ذ. صفت. [ف] جيکو ڏيتي ليتيءَ ۾ چڱو سلوک نه ڪري.

– **بد مهري:** ث. [ف] نامهرباني. بي احساني.

– **بد نامُ** ج **بدنامَ:** ذ. صفت. [ف] بُڇڙي نالي وارو. خرابيءَ ۾ نالي ڇڙهيل. گلازو ـ رسوا ـ خوار.

– **بدناموس، بدنامُوسي:** ث. [ف. بد + ع. ناموس = نيڪي، نالو] خواري ـ رسوائي ـ بدنامي ـ بدنيڪي.

– **بدنامي** ج **بدنامِيُون:** ث. خواري ـ گلا ـ رُسوائي. کارڻهن جو ٽڪو. بيعزتي ـ تشهير.

– **بدنسل:** ذ. صفت. [ف+ ع] خراب نسل وارو. بد بنياد ـ بد ذات.

– **بد نشان:** ذ. صفت. [ف] بدڪار ـ پاپي.

– **بدنصيبُ** ج **بد نصيبَ:** ذ. صفت. [ف+ ع] نياڳو ـ ڪمبخت ـ چندو.

– **بدنصيبائي، نصيبي:** ث. نياڳ ـ چندائي ـ بدبختي.

– **بد نظر:** ذ. صفت. [ف+ ع] بدشڪل منحوس.

– **بد نظري:** ث. بُري نگاهه ـ بدنيتي. خراب نظر سان ڏسڻ جي حالت.

– **بدنفْسُ:** ت. صفت. [ف+ ع] ڪمينو ـ شهوتي.

– **بدنُما:** ذ. صفت. [ف] خراب شڪل وارو ـ ڪوجهو ـ بڇڙو.

– **بد نُمائي:** ث. بي نزاڪتي. ڪوجهائي. بيدولائي.

– **بدنهاد:** ذ. صفت. [ف] بد طبيعت ـ ڪمينو. دل جو بڇڙو.

– **بدنيّتُ:** ذ. صفت. [ف+ ع] بڇڙي ارادي وارو. دل جو پليد. اندر ڪُنڊو.

– **بد وضْعُ:** ذ. صفت. [ف+ ع] بي ڍنگو ـ بيدولو ـ اُٿوڏڙ.

– **بدهاضمو:** ذ. [ف+ ع. هَضم، هاضم] بدهضمي ـ پرتي. معدي جي خرابي.

– **بدهضْمي:** ث. پيٽ جي پرتي ـ بدهاضمو.

– **بدهيْئتُ:** ذ. صفت. [ف+ ع. هَيْئة = شڪل] بدشڪلو ـ بيدولو.

– **بديُمْني:** ث. [ف.بد+ ع. يُمن = سڀائي. سياڳ. فتح] بدنصيبي. بدشگوني.

• **بدُ:** ذ. پيسڪوٽ راند ۾ بي زور پتو (حُڪر ڪان سواءِ ڪالتو پتو). ٻئي رنگ جا پتا.

• **بدِ:** ث. [سن. بَد] ڇنڊ جو سوسَ (پورنماسيءَ بعد).

• **بدَ** ج **بدُوُنْ:** ث. [ع. بَدْرة] وڏي هڙ ـ ڳڏي. بدَ ـ بدڙي. ٽيلهن ٽاهڻ لاءِ دنبي يا ٻکريءَ جي ڪَلَ.

• **بدِ:** ث. ننڍڙي ڪڏ جا گولين راند ۾ ڪر اڇي ـ سچ.

• **بدُ** ج **بدَ:** ذ. زنانو مخصوص عضو.

• **بدا:** ث. [ف= بد = بڇڙو] بدي ـ بُڇڙائي. ڏوهه ـ پاپ ـ گناهه. [ع. بَدء، بداءة = شروعات. اَبد] مقدر ـ اڳ لکيو.

• **بِدا:** ث. [ع. وِداعُ] وداع ـ رخصت ـ موڪلائي. اجازت ـ روانگي. جدائي. خاتمو "ٻيڙيون نيڻي پار. تو تان بَنْدُ بِدا ٿيو" (شاهه). ڪنوار جو پهريون دفعو پيڪن مان ساهرين وڃڻ جي حالت (اسر خاص) مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

– **بدا ٿيڻ:** وداع ڪرڻ ـ موڪلائي ڪرڻ. جدا ٿيڻ. ختر ٿي وڃڻ "اُٺ شهر مان بدا ٿي ويا آهن".

• **بِدادي** ج **بِدادي:** ذ. صفت. [ع. بِدْعَتي < بِدْعَة = دين جي سلسلي ۾ ڪا نئين حرڪت] بُريءَ علت وارو ـ بد افعالو ـ بد ڪردار ـ گناهن ڀريو "بِلند بِدادي عيبن ڀريل خلق ڪِليو ٿي جئيس جَهرو" (بلند شاه).

• **بدااهت:** ث. [ع] تهه طلبي. حاضر جوابي. بي ساختگي.

• **بدائعُ:** ذ. [ع. بَدِيْعَة ج بَدائع] عجائبات. نيون شيون. شاعريءَ ۾ ڏيکاريل عجيب صنعتون ۽ ڪاريگريون "صنايع بدايع".

– **بدائع معنوي:** ذ. عبارت جون معنوي رنگينيُون.

• **بدايتَ:** ث. [ع. بداءة] شروعات ـ آغاز. مند ـ اڳياڙي.

• **بَدْبدو** ج **بُدْبدا:** ذ. [سن. بُدْبُدَه] پاڻيءَ جو قولو يا ڦوڪو ـ جَر قولو ـ بوڙبو. اَفواه ـ واهياتي خبر. مَن گهڙت قصو ـ ڪوڙو ناهه. بهتان ـ تهمت ـ الزام. منصوبو ـ سازش. پُور ـ خيال ـ ريجهڪ. وهم. لغز.

– **بُد بُدا اُتارڻ:** ڪوڙا اَفواهه اُتارڻ ـ حُبوب ناهڻ.

– **بُد بُدا اُٿڻ:** پاڻيءَ ۾ بوڙبا ٿيڻ. الزام لڳڻ. اَفواهه اُٿڻ.

– **بُد بُدا ڪرڻ (ت):** نگي ڪرڻ ـ جالاڪي ڪرڻ.

• **بَدَخْشانُ:** اسر خاص. افغانستان جي اُتر ۾ هڪ پرڳڻي جو نالو (جو ياقوتن ۽ لعلن کان مشهور آهي).

• **بَدَرُ:** ظرف. [ف] باهر ـ در کان پاهر.

• **بَدْرِ:** ظرف. [ع. بَدَلَ] بدلي ۾ ـ جي بدران ـ ڏي وٺ ۾.

• **بُدرِ:** ذ. طوطو "ڪِيل انگ تيمر بُدر سواندلا" (ڏهس نامو).

• **بَدْرُ:** ذ. [ع] سڄو چند ـ ماهه ڪامل. چوڏهينءَ جو چند ـ پورنماسيءَ جو چند. (اسر خاص) مديني منوره پرسان هڪ ڪوهه جو نالو (جتي حضور پاڪ ص. جن مڪي جي قريش ڪافرن سان پهرين جنگ ڪئي هئي. جا "جنگ بَدْر" جي نالي سان مشهور آهي).

– **بَدْرُالدّجيٰ:** ذ. اُونداهيءَ رات جو چند. چوڏهينءَ رات جو چمڪندڙ چند ـ بدرمنير. (اسر خاص) حضرت محمد ص. جن جو لقب.

• **بَدَرُ:** ذ. [ع. بَدَل] بدلو ـ عوض، انتقام ـ ويڑ، پاڑو جهاڙو ـ پاسڪاطري ـ طرفداري ـ پاسو. [سن. وارڊ] بادل ـ ڪڪر ـ جهڪ.

ـ **بدر پوڻ:** پاران پوڻ ـ بدلو ڪرڻ ـ پاسو ونڻ، عوض ڏيڻ، پاسڪاطري ڪرڻ.

ـ **بدر ڪرڻ:** عوض ونڻ، بدران ڪجهه ونڻ، طرفداري ڪرڻ ـ پاسو ونڻ.

• **بدران:** ظرف. [ع. بدل + اَن] عوض ۾ . بدلي ۾، پاران ـ طرفان.

ـ **بدران پوڻ:** پاران پوڻ، طرفداري ڪرڻ ـ پاسو ڪرڻ.

• **بَدَر بان:** اسم خاص، هڪ ٽڪر جو نالو.

• **بَدْرقو** ج **بَدْرقا:** ذ. صفت. [ف. بدرقه] مسافريءَ ۾ رستو ڏيکارينڊڙ ـ سوراٽو ـ سنوهڻ، ساٿي ـ همراهه نگهبان ـ چوڪيدار (جو جان ۽ مال جي سلامتيءَ لاءِ ساڻ هجي)، محافظ، هٿيارن ساڻ سپاهي، پي. دوا سان گڏ ڏنل دوا ـ اَن پان.

• **بَدْرو** ج **بَدْرا (ال):** ذ. [ع. بَدْرَة] جمڙو، جي ٽيلهي، گٺڙي ـ بدڙي، وڏو پيٽ، ٽوڪيل پيٽ.

• **بدْري:** ث. [هـ] نامي ۽ جست جي مرڪب مان ٺهيل ڏاڍو (جنهن مان ٺهيل ٽانون تي چاندي ءَ سان چمڪ آڪيرينڊا آهن).

• **بَدري:** اس خاص، اهي اصحابي سڳورا جن بدر جي لڙائي ۾ بهرو ورتو.

• **بَدَرْ** ج **بَدَرْ (ت):** ذ. زنانو مخصوص عضو.

• **بَدْرَاڪَ** ج **بَدْرَاڪ (ت):** ذ. پڙڪو ڪائي اوجتو ٻاهر نڪرڻ جي حالت، وڏو ٽپ ـ جال.

• **بَدْرَڪو** ج **بَدْرَڪا:** ذ. ڏسو "بَدْرَاڪ".

• **بدڙي** ج **بدڙيُون:** ث. [ف. بَدْرَه] هڙ ـ بدَ ـ بدڙي، گٺڙي ـ ننڍڙي گٺڙي، ڪاري جي ٻيڙيءَ کي اڻلڻ ڪان بچائڻ خاطر، اڻل طور هڪ پاسي تي رکيل ڳوڙ (جا عام طرح ڪڪريءَ يا ريتيءَ سان پريل هوندي آهي).

• **بدڙيو** ج **بدڙيا:** ذ. صفت. بدڙي ڪنڊڻ ـ مزور، ضعيف ـ ڪمزور.

• **بدڙيُون (ت):** ث. سارين جو هڪ قسم.

• **بدْعَتْ** ج **بدْعَتُون:** ث. [ع] نئين گاڏهه نئين ريت، دين يا شريعت ۾ نئين رسم (جا پيغمبر صاحب جن جي وقت ۾ نه ٿي هجي).

ـ **بدْعَتي** ج **بدعَتي:** ذ. صفت. شريعت جي خلاف ڪنهن نئين گاڏهه تي عمل ڪندڙ.

• **بَدَڪ** ج **بَدَڪُون:** ث. [ع. بطه، ف. بَتَكْ، سن. وَرَنّه] پاڻيءَ جي ٻڪيءَ جو هڪ قسم ـ بَطخ.

• **بيدڪ:** ث. ڏين (؟) "بيدڪ نه ٻيني باغ ۾ ، چا ميرگهه ٻيندا مٽ تو" (دوس محمد راڊو).

• **بدڪائڻ:** مصدر. [هـ. بدڪانا] ڏيجارڻ، هراس ۾ وجهڻ، ڪنبائڻ ـ ڏڪائڻ، "بدڪايو ـ بدڪائيندو ـ بدڪائيل".

• **بَدڪِنارَ:** ذ. گهوڙيءَ جو هڪ مرض (جنهن ۾ جمڙيءَ ۾ رت خراب شي پوي).

• **بَدْڪِي** ج **بَدْڪِيُون:** ث. ٻوڏڪي ـ جو جڪي ـ ريجڪ ـ پُڙ، اوجتو وهر يا خيال، پنڪو ـ ٽينگ ـ ٽبو.

• **بَدْڪِيرُ** ج **بَدْڪِيرَ (ت):** ذ. صفت. بزگير ـ مزور، نوڪر ـ خادم.

ـ **بَدْڪِيري:** ث. بزگيري ـ نوڪري ـ خادمي.

• **بَدَلَ** ج **بَدَلَ:** ذ. [ع] عوض ـ بدلو ـ پاڙو جهاڙو، انتقام ـ ويڙ، ٻيڪيءَ جو عوض ـ خرا، اجورو، ڪيتو، قائم مقام ـ حاءِ نشين، [سن. وارڊ] ڪڪر ـ جهڪ. (صفت. ڪڪر جي رنگ جهڙو (ت) ـ ميرا جهڙو).

• **بَدْلَڻ:** مصدر. [ع. بَدَلَ = هن ڏيرايو] متائڻ ـ ڦيرائڻ، مٽڻ ـ ڦيرڻ، مٽ سٽ ڪرڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وهڻ، ڦرڻ. (بدليو ـ بدلبو ـ بدليل).

ـ **بدلائڻ:** مصدر "بدلڻ" مان متعدي بالواسطه، متائڻ ـ ڦيرائڻ، ڦير گهير ڪرڻ، مٽ سٽ ڪرڻ، بدران رکڻ، ردبدل ڪرڻ.

ـ **بدلجڻ:** مصدر. "بدلڻ" مان فعل مجهول، متجڻ ـ ڦرڻ گهرڻ.

ـ **بَدَل سَدَلَ:** ث. مٽا سٽا ـ ڦير گهير ـ ڏي ونڊ.

• **بَدَلو** ج **بَدَلا:** ذ. [ع. بدله] عوض ـ معاوضو ـ اجورو، ويڙ ـ قصاص، انتقام، ڪيتو، جزا، روزمره جو لباس، ڏڪهي ٿڻ يا ٽليءَ واريو ٽوٽو ـ هڪ قسم جو ڪوٽرو ـ بدلو.

ـ **بَدلو ونڻ:** ويڙ ونڻ ـ پاڙو جهاڙو ونڻ.

ـ **بَدلي** ج **بَدلي:** ذ. صفت. تيل يا گهيه وڪڻندڙ (جو گهيه يا تيل بدني ۾ رکندو هجي).

• **بَدلُواهُ:** اسم خاص، ٽنڊلي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَدَلي** ج **بَدَلِيُون:** ث. [ع. بَدَلَ] ملازم جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مقرري ـ ملازمت جي ڦير گهير ـ تبديلي، جڳهه جي مٽ سٽ.

ـ **بَدَلي ٿيڻ:** ڪنهن ملازم جي نوڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ مقرر ٿيڻ.

ـ **بَدَلي ڪَرڻ:** ملازم کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مقرر ڪرڻ.

• **بَدَنْ** ج **بَدَنَ:** ذ. [ع] جسم ـ جثو ـ ٽڻ ـ بت.

ـ **بدن پَرُ:** بدن اُپرو ٿيڻ، بت نسٽو ٿيڻ، مرڻ ڪنڊيءَ تي رسڻ.

• **بَدْنامِ** ج **بَدنامِيُون (ڪ):** ث. جتي ـ ڪرڪَرُ ـ پيرڙ ـ چاهَلَ (ڪ).

• **بَدنامَ:** ذ. [ف] گهوڙن جي هڪ بيماري (رت جي خرابيءَ سبب سنسن، گودن، ٽڻن ۽ سار ۾ قسم ٿي پوڻ).

• **بَدْنو ج بَدْنا:** ذ. [فـ بدنه (؟)؛ سن. وَرْدَنَ(؟)] پٽل. جسٽ يا تامي جو دڳهي، ۽ مُڙيل نلي، وارولوتو. ڏانءُ مان ٺهيل هڪ قسم جو ڪونرو. گيهه يا تيل رکڻ جو وڏو ڊبو [ع. بدنه] جنهن جي موقعي تي قرباني، لاءِ جانور (گهٽُون يا اُٺ).

• **بَدو ج بَدا:** ذ. بَدلو ـ عوض (سڳ جي صورت ۾).

— **بَدي جا سڳَ:** محاورو. هڪ سڳ جي عوض ٻيو سڳ.

• **بَدُو ج بَدُو:** ذ. [ع. بَدْوي] عربستان جو ڳوٺاڻو ـ صحرانشين ـ بدوي. جهنگلي ـ بدشڪل. اڻڄاڻ ـ جاهل "وڳند وري آئيو. بَدُو سين بد نبوء" (شاهه).

• **بِدو ج بِدا:** ذ. اِتي، ڏکر راند ۾ ڪم ايندڙ خاص قسم جي ٽُلهي ۽ نندي اِتي (ل). اَڏڻ ڳَڙڻ ـ اَڏڙي (ڪ).

• **بَدُوشڪ:** ذ. صفت. [سن. وِدُرشڪ] مسخرو. ٺاڙُ.

• **بَدوڪَ (لس):** اسر خاص. ڪراچي ڪان الهندي طرف جبل جي هڪ لڪ جو نالو.

• **بَدون:** ذ. ڏسو "بَدو".

• **بَدُوي ج بَدُوي:** ذ. صفت. [ع] عربستان جو ڳوٺاڻو ـ بَدوُ. صحرانشين ـ ڏُري "تُنت نمايو نيئ، پرجي بَدوين ۽ء" (سيد هارون).

• **بَدهن:** ذ. گل جو هڪ قسم "بدهر باسي باس سورج گوشا سيرجا" (جانو جارڻ).

• **بَدي ج بَدِيُون:** ث. [ف] خرابي ـ بُڇڙائي ـ بُرائي. بدنيتي ـ بيائي. تهمت ـ بهتان ـ الزام. [سن. بَدِ] چند جي مهيني جو اُونداهو پکه.

• **بِدي ج بِدِيُون:** ث. نندڙي ڳوٽري ـ هڙ (ت). بدڙي. نندڙي شيء (ڪ).

• **بُدي ج بُدِيُون:** ث. زنانو مخصوص عضو ـ شرمگاهه.

• **بِديس، بِديش:** ذ. [سن. وِديش] پرديس ـ پرڏيهه. پرانهون مُلڪ ـ ڏاريو ملڪ.

— **بِديسي، بِديشي:** ذ. صفت. پرديسي ـ پرڏيهي. ڏارئي مُلڪ جو ـ غير مُلڪي.

• **بَدِيعْ:** صفت. [ع] عجيب ـ اَنوکو ـ نرالو. نايابَ ـ نادر ـ اَلبَ ـ ناپيد.

• **بَدِيعُ الْجَمال:** ذ. صفت. [ع] نهايت حسين ـ حسن ۾ بينظير. (اسر خاص) "سيف الملوڪ ـ بديع الجمال" واري عشقيه داستان ۾ "سيف الملوڪ" جي معشوقه جو نالو.

• **بَدِيلَ:** صفت. [ع] مثيل ـ نظير. جهڙو. ثاني.

• **بُدَيْلَ:** اسر خاص. (بُدَيلَ بن طِهفَة) هڪ عرب سپه سالار جو محمد بن قاسر کان اڳ ديبل بندر تي حملي وقت شهيد ٿيو (جنهن جي قبر تي صديءَ ۾ مؤرخ بلاذريءَ جي ڏينهن تائين ديبل ۾ موجود هئي).

• **بَدِين:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ ضلعي جو نالو.

• **بَدين پوٽا:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾).

• **بَديهَ:** صفت. [ع. بَدَهَ = اوچتو مٽان پوڻ] اوچتائي ـ بيساختگي. حاضر جوابي ("بابَديهه" = ٺهه ٺپ، اُتي جو اُتي چوڻ؛ "عَلَي البَديه، عَلَي البَديهَة = اوچتو. سواءِ تياريءَ يا خيال جي. ٺهه پهه).

— **بَديهي:** صفت. ظاهر ـ پڌرو. عقل موافق. يقيني. فطرتي. سُهاويڪ.

— **بَديهي اَمْرُ، گالهه:** ث. جنهن گالهه ۾ دليل يا ثابتيءَ جي ضرورت نه پوي.

— **بَديهي شَعر:** ذ. اُهو شعر جو سواءِ ڪنهن تياريءَ جي هڪدم چئي وڃجي.

• **بِديهي:** ذ. صفت. [سن. وِديهي < و = جدا + ديهه = بدن] جنهن کي پنهنجي سرير جو ڏيان نه هجي ـ جسم جي حالات کان بيخبر. لاابالي.

• **بِدَّ (ت):** ث. سامان جي گٺڙي ـ بِدَ.

• **بِدّي ج بِدّيُون:** ث. [سن. وِدَ] جال جلت ـ هلت جلت. قانون ـ قاعدو. حڪم.

• **بَدِ (ڪ):** ث. گنڊ ـ ڪُٻ.

• **بِدَّ (ت):** ث. نشان. حقيقت ـ اصليت ـ بنياد. چالاڪي.

• **بَدّ ج بَدُون:** ث. اُٺ کي ڪَڇن وٽ گاڻ سبب ٽيل ٿَئ. بدي ـ هڙ (ل. ڪ). ڏنڊن جي مرهي ـ مهار.

— **بَدِ هَٽڻ:** اُٺ جي ڪوڙيءَ جو ڪَڇن کي لڳڻ ۽ گاڻ ڪرڻ.

— **بَدُون پرجي پوڻ:** سهارون پرجي پوڻ.

• **بَدِ ج بَدِيُون:** ث. [ع. بَدْرَه] هڙ ـ پري. نندڙي گٺڙي. سُست ماڻهو. ڪل ـ اَڏوڙ.

• **بِدّ ج بِدُون:** ث. [ع. بَدْرَة] وڏي هڙ ـ گٺڙي. پري ـ بنارڪ نندڙي گٺڙي. ڏنبي يا ٻڪريءَ جي ڪَلَ (جا ٽيلهن ٽاهڻ ۾ ڪم اچي). (صفت) سُست ـ توتي.

• **بَدا (بَدْرا) ج بَدائُون (بَدْرائون) (ل):** ث. دغا ـ بيائي ـ ڪوڙ "انسان کي ڪنهن ب قسم جي بدا، دل ۾ آهي ئي ڪانه" (جملو).

• **بَداماڻي پَنرو:** اسر خاص. "بداماڻي" ذات مان سنڌ ۽ ڪچ جي هڪ سورهيه سردار جو نالو (جنهن لاڪي سان مقابلو ڪيو هو) "آج گهُرجين يار. بداماڻي پَنرا" (شاهه: ڏهر).

• **بَدائي (بَدْرائي):** اسر خاص. مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **بَدِڑي ج بَدِڑيُون:** ث. [سن. بَدْرَه] نندڙي هڙ ـ بِدّ.

• **بدِ کڑو ج بدِ کڑا (ت)**: ذ. صفت. بدکڑو ـ نندڑو. (ذ) کُکڑ جو هک قسم.

• **بَدو**: ذ. [سن. پادْرَ] سنيت جي چهين مهيني جو نالو. (صفت) جانورن جو هک رنگ ـ گدو (ک).

• **بَدوکو ج بَدوکا**: ذ. [ع. بَدْرَہ] وڏي ٿلهي ـ وڏي بدِ. پُنارڪ وڏي گوٽري يا ٿيلهو. پاڻهن وڏيل جسم ـ ٻيري. (صفت) ٿلهو ٿُنهرو ـ متارو (ماڻهو). (ث) بَدوکي ج بَدوکيون.

• **بَدوکو (بَدُروکو) ج بَدوکا (بَدُروکا) (ل)**: ذ. پاڻيءِ ۾ اُپرندڙ گاهه جو هک قسم (پَن ويڪرو، اڪثر پاڻيءِ جي پکين جو کاڄ ٿئي) ـ تماڪ رکڻ جي گوٽري.

• **بَدي (بَدُري) ج بَدِيُون (بَدُرُيون)**: ث. [ع. بَدْرَہ] چمڙي جي گوٽري (جنهن ۾ ٻُڌسا وغيره، يا ٻي کا شيءِ وجهي رکجي) ـ همياڻي. آڌ ڪتريل گهَٽي (يا ٻکريءِ وغيره) جي رَگيل کَلَ (جا عموماً کوهستان ۾ اُٺي وجهڻ جي ڪم اچي). ٻَري ـ بَد. هٽن ٻيرن وڏيل جسم ـ ٻُهري. جَني ـ باڙ ـ ٻَري (ل). ٻکريءِ جو هک رنگ (ک).

– **بَدي ٿي پوڻ**: سُست ٿي پوڻ. ٻُڌي ٿي بار ٿي پوڻ.

• **بَذْل**: ذ. [ع] بخشش. ڏاڻ. عطيه.

• **بَذْلَہ**: ذ. [ع. ف] ظرافت ـ چرچو گهُمهو. خوشطبعي. مسخري.

• **بَذْلَہ سَنْج**: ذ. صفت. ظريف ـ نڪته دان. پوڳائي ـ چرچائي.

– **بَذْلَہ سَنْجي**: ث. ظرافت. نڪته داني. چرچو گهُمهو ـ پوڳ. خوشطبعي

– **بَذْلَہ گو**: ذ. صفت. خوشطبع ـ چرچائي ـ ظريف.

– **بَذْلَہ گوئي**: ث. ظرافت ـ بَذله سنجي.

• **بِ**: حرف جر. [ف] تي ـ مٿان. اسم مفعول اڳيان اچي 'صفت' يا 'ظرف' جي معنيٰ ڏيڪارينڊر "بُرگشته، بَرخاسته".

– **بَرآمد**: ث. [ف] نتيجو. آمدني ـ اُپراسو. خرچ. روانگي ـ نيڪال.

– **بَر آمدگي**: ث. [ف] واپسي ـ روانگي. حاصلات ـ پيداوار.

– **بَر آمَدَہ**: ذ. [ف] ورانڈو.

– **بَر آوَري**: ث. [ف] پورت ـ پورائي ـ سرانجامي.

– **بَر آڻڻ**: پورو ٿيڻ (مقصد، اِرادو) ـ سرانجام ٿيڻ.

– **بَر اُفروخْتَہ**: صفت. [ف] ڪاوڙيل. غصي ۾ ٻريل. پڙڪايل ـ چيڙايل. روشن.

– **بَر اُنگيخْتَہ**: صفت. [ف] ڪاوڙيل ـ اُپاريل ـ پڙڪايل.

– **بَرباد**: صفت. [ف] ناس ـ چٽ.

– **بَرتَر**: صفت. [ف] تمام اُتاهون ـ وڌيڪ بلند. وڌيڪ درجو رکندڙ.

– **برتَري**: ث. [ف. بَرتَر] مٿانهين ـ بلندي ـ اُجائي. وڏائي ـ عظمت.

– **بَرتَرين**: صفت. [ف] سڀ کان مٿانهون.

– **بَرتَقْدير**: ظرف. [ف. بَر = تي + ع. تقدير] 'فرض ڪري ونو تہ'.

– **بَرپا**: ظرف. [ف] پيرن تي (بيهل) ـ پيرن ۾. ڪڙو ـ قائم.

– **بَرپا ڪرڻ**: ڪڙو ڪرڻ ـ اُٽارڻ. قائم ڪرڻ.

– **بَرجا**: ظرف. [ف] جاءِ تي جائيتو ـ ٺيڪ ـ موزون. برابر ـ واجبي.

– **بَرجَشْتَہ**: ذ. صفت. [ف] پهلوان ـ ڄست ـ جالاڪ. نامور ـ مڪي.

– **بَرجَشْم**: ظرف. [ف] اکين تي. منظور ـ قبول.

– **بَرحال**: ظرف. [ف+ع] برابر ـ واجبي ـ موزون. قائم.

– **بَرحَق**: ظرف. [ف+ع] حق تي ـ سچ تي. برابر ـ درست ـ بجا ـ سچ پچ. سچو ـ ٺيڪ ـ صحيح.

– **بَرخاسْتَہ**: ظرف. [ف] مهمل.

– **بَرخِلاف**: ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ مخالف ـ ناسازگار. (صفت) دشمن ـ ويري.

– **بَرداشْت**: ث. [ف. بُرداشْتَنْ = سهڻ] سهڻ جي طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪاندُ.

– **بَردَوام**: ظرف. [ف+ع] دائما ـ سدائين. هميشه.

– **بَرزَبان**: صفت. [ف] زبان تي. ياد ـ ڪَنُ ـ حفظ.

– **بَرسَر**: ظرف. [ف] مٿي تي ـ سر تي. مٿان. (ظرف) آخر ـ نيٺ.

– **بَرسَرِ اِقْتِدار**: صفت. [ف+ع] عزت وارو. اختيار وار.

– **بَرسَرِ بازار**: ظرف. [ف] بازار ۾ ـ ڪليو ڪلايو ـ پڌريءِ پٽ.

– **بَرسَرِ پيڪار**: ظرف. [ف] جنگ جي حالت ۾. جنگ ۾ مصروف ـ لڙائيءِ ۾ رڌل.

– **بَرسَرِ مَطلب**: ظرف. [ف. بَرسَر+ ع. مطلب] اصل مقصد تي.

– **بَرصواب**: ظرف. [ف+ع] ٺيڪ ـ برابر ـ صحيح ـ پُورو.

– **بَرطَرَف**: ظرف. [ف+ع] پاسي تي ـ علحدو ـ پاسيرو ـ الڳ ـ جدا. خارج ـ موقوف (ملازمت مان).

– **بَرعَكْس**: ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ خلاف ـ اُلٽو.

– **بَرقَرار**: صفت. [ف+ع] بحال ـ قائم ـ ثابت.

– **بَرکِنار**: ظرف. [ف] هک پاسي. ڌار ـ الڳ.

– **بَرگَزيدو ج بَرگَزيدا**: ذ. صفت. [ف] چونڊيل ـ ڌڻيل. مقبول ـ محبوب. نيڪ ـ بزرگ. ڪامل ـ پهتل. معزز ـ معتبر.

– **بَرگَشْتو ج بَرگَشْتا**: ذ. صفت. [ف. بَرگَشْتَہ] اُبتو ٽيل ـ ڦريل. پريشان (حال). بدبخت ـ نياڳو.

– **بَرمَحَل**: ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ بروقت ـ ٺهه پهه.

– **بَرملا**: ظرف. [ف] کُليو ڪلايو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءِ پٽ.

– **بَرموقَعْ:** ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ مهل سر.
– **بَروقْت:** ظرف. [ف+ع] اُنهيءَ مهل ـ اُتي جو اُتي ـ ڏڏي تي ـ ٽري ڪري.
• **بَرْ:** ذ. [ف. برّدن (=بار کڻڻ) > بَر] ڦل ـ ڦر ـ ثمر. حاصل ـ فائدو. [زنڊ. وَرَ] ٻاڪر. چاتي. عورت جو سينو.
– **بَرخُوردار:** ذ. صفت. ڦل ڪائيندڙ. مُرادوند. نيڪ بخت (پٽ).
– **بَردار:** صفت. ميوي وارو (وڻ) ـ ميويدار ـ ثمردار.
– **بَرڪَهن هَٽڻ:** سينو ساهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ برميچڻ.
• **بَرِ:** صفت. [ع. "بَري" جو مخفف] پاڪ ڇٽل. بيزار.
• **بَرِ ٿيڻ:** آزاد ٿيڻ. صاف ٿيڻ.
• **بَرِ:** ظرف. برابر "بَرِ نہ تنهن بَرو بَري، ڪَينچل آهه ڪُجا" (رمضان ڪنبر).
– **بَرابَر:** برابر ٿيڻ. هڪجهڙو ٿيڻ.
– **بَرَوهڻ:** تعميل ۾ آڻڻ.
• **بَرّ** ج **بَرّا:** ذ. [ف. بَر] ويڪر ـ موڪرائي ـ مُنڊيو. ڪپڙي جو ڦٽو ـ عَرْض. [ع. بَرّ] رڻ ڦٽ ـ بيابان "بَرِ پڻ ڪن بُکاءَ اُڪندبٽا آريءَ لاءِ گهٽو" (شاهه). وسيع مُلڪ (جنهن ۾ پرڳڻا گهٽا هجن) ـ ڪنڊ. ٽڪل حالت ۾ وهنجڻ يا ٻاڦي پيڙڻ ڪري بدن ڪُڙجي پوڻ جي حالت (ٽ).
– **بَرِ اَعْظَمْ:** ذ. وڏو ڪنڊ.
– **بَڙهَتْ** ج **بَرهَتْ:** ذ. بيابان ـ رڻ ڦٽ. غيرآباد زمين. ويرانو ـ سَيْ.
– **بَرلاهڻ (ٽ):** ٽڪ پڄڻ. تعدي ڪرڻ. جماع ڪرڻ.
– **بَرمَنْهَنْ ڏيڻ ڪَرڻ:** جهنگ مَنْهَن ڪرڻ ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ.
• **بِرْ:** ذ. [ع] ڇڳائي ـ نيڪي ـ پلائي.
• **بِرُ** ج **بِر:** صفت. [سن. وِراڌ] بيزار ـ هلاڪ ـ ڪَڪ. وراڌل ـ ڪاوڙيل. تاهو (جويايو مال).
– **بِراڌو** ج **بِراڌا (ٽ):** ذ. صفت. وراڌل ـ سخت ڪاوڙيل.
– **بِرڙي ٻهڻ:** ڪاوڙ ۾ پرچي يا مڇي ٻيهڻ. ٽنگ ٽي ٻيهڻ.
– **بِرڙيڻ:** بيزار ٿيڻ ـ تنگ ٿيڻ. ٽيڪو ڪاوڙجڻ. ڇهڻ.
– **بِرڪرائڻ:** ڪاوڙائڻ. ورجائڻ ـ ڪَڪ ڪرائڻ.
– **بِرَمَنْهونْ:** ذ. صفت. سوندِ مَنْهون ـ مَنهنْ سُوڙل. بدشڪل.
• **بُرْ:** ذ. [ع] ڪڪڙ ـ گندم "ڏمر بُرْ بريان اَنِ جا، ڪاجَ خرما، ڪيڙ" (سيد هارون).
• **بُرُ** ج **بُرْ:** ذ. [ف. بُريدن] ٻيٻلو. (وديل. مينو يا لڙڪيل) ٽڪ. وديل يا مني نڪ سان مَنهن ـ بُونارُ ـ دونارُ. پيٽ ـ شڪم (ل). ڏند ـ ڇتي (ل). وَڏ ـ جيرُ ـ چيهه (ڪ). ٻڪرين جو ڏڻ (ڪ). (ذ. صفت) ٽڪ ڪپيو ـ بي ٽڪو ـ بَرو. بدڇال.
– **بُر بُرڻ:** گهرج پوري ڪرڻ. ڇتي پرڻ (ٻڪي جي پاران). نقصان جي پورائي ڪرڻ.
– **بُرُ ٽيڻ:** ناهه پوڻ سبب جويايو مال هڪ هنڌ گهوڙهه ٽيڻ. جدا ٽيڻ (ڪ).
• **بَرابَرْ:** ظرف. [ف. بَرابَر = بَرْ + اَ + بَرْ = سيني سان سينو] هموار ـ سنئون ـ سڌو. هڪجهڙو ـ ٽائي ـ ٺه. پيچي. هموزن. پورو ـ ٺيڪ ـ صحيح ـ درست. (ٽ) رياضيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ نشاني (=).
– **بَرابَر ڪرڻ:** هڪ سنوت ۾ آڻڻ. هڪجهڙو ڪرڻ. سنوارڻ. پورو ڪرڻ. ٺيڪ ڪرڻ ـ درست ڪرڻ. هموزن ڪرڻ.
– **بَرابَرو:** ذ. برابري.
– **بَرابَرو ڪرڻ:** برابري ڪرڻ. همسري ڪرڻ. سينو ساهڻ. مقابلو ڪرڻ.
– **بَرابَري** ج **بَرابَرِيُون:** ٽ. هڪجهڙائي ـ يڪساني ـ موافقت. هموواري. هموزناڻي. پورائي. همسري ـ مقابلو.
– **بَرابَري ڪرڻ:** همسري ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ.
• **سينو ساهڻ:** ٺ. پوڻ. گستاخي ڪرڻ ـ بي ادبي ڪرڻ.
• **بَراتَ** ج **بَراتُونْ:** ٽ. [ع. بَرآءَة = چوڪاري. معافي. بيزاري. چٽاءِ. نوٽيس] جڻي. فرمان ـ حڪر. سَنَد ـ پروانو. بينڪ جو چيڪ. اَمان. چوڪاري. بيزاري. [سن. وْراتَ = ميڙ. جماعت. لشڪر. ڄڃ] جَجَ. جُجَ. خوشي ـ عيد ("عيد برات يا شب بَرات" = شعبان مهيني جي چوڏهين رات. جا مسلمان عيد ڪري ملهائيندا آهن). پَتن (راند) جو هڪ رنگ.
• **بَراتِي** ج **بَراتِي:** ذ. صفت. چوڪاري جو پروانو يا سند ونندڙ. روزي ونندڙ. گهوٽيتو ـ جاڄي.
• **بَرات:** صفت. چمڪندڙ ـ منوّر ـ نُوراني. تمام سفيد.
• **بُراتو** ج **بُراتا (ڪ):** ذ. ويهن پنجويهن ٻڪرين جو ٽولو.
• **بِراڻِي:** ٽ. ڪيهه جو هڪ قسم (وڏن ڦينڊجهن واري عمدي ڪيهه. جا ڏاڪا ۾ پوڪجي ٿي).
• **بَراجُ** ج **بَراجَ:** ذ. [انگ. barrage] درياءَ ڪي ڏنڊ دروازن وارو بَنڊ. دريائي بند.
• **براجَ** ج **بَراجُون:** ٽ. براج.
• **بِراجَمانْ** ج **بِراجَماني:** ذ. صفت. [سن. وِراجمانَ = چمڪندڙ. عمدو. سُهڻو] روشن ـ منوّر. جلوه گر ـ رونق افروز ـ جلويدار.
– **بِراجمان ٿيڻ:** زينت بخشڻ (مجلس کي) ـ صدر بنجڻ ـ مير مجلس ٿيڻ. مجلس ۾ رونق افروز ٿيڻ.
• **بِراجَنْ:** مصدر. [سن. وِراجَ = چمڪڻ. مظاهرو ڪرڻ. راج ڪرڻ]

سينگارجڻ ـ لَٽ ونڊ. لٽ ۽ رهڻ ـ مزا ڪرڻ. (براجيو ـ براجيندو ـ براجيل).

• **بَرادَ ج بَرادُن:** ث. [ع. برآءة: سن. وُرات] برات. جمع. مجلس ـ محفل. عيد برات ـ شب برات ـ عيد. شادي ـ خوشي "جا برات بتن جي. سا اڄ بک آديسين" (شاهه).

– **بَرادي ج بَرادي:** ذ. صفت. ڏسو "برابي". لنگهو (جو جمع سانڍ ڳڏ جهنگ جهر مان دهل وجائيندو هلي) "سمر آهي سُڄ ۾. وفادار برادي" (رسالو: ڏناسري)، ماڻهوءَ جو ٽالو.

• **برادَرُ:** ذ. [ف. برادر = پاءُ. سن. پراتر. پُراتا = پاءُ] ادو ـ پاءُ. مٽ ـ مائٽ ـ عزيز. هم قوم. راڄ شريڪ. هم مذهب.

– **برادر ج برادرُون:** ث. برادري ـ پائپي. نيات ـ پائجاري. مائٽي. ذات.

– **برادَرِ اَخياني:** ذ. اهو پاءُ جو ساڳيءَ ماءُ مان هجي پر پيءُ ٻيو هجيس ـ مائيٽو پاءُ.

– **برادَرِ اَعْياني:** ذ. سڳو پاءُ.

– **برادَرانه:** صفت. ظرف. پائپيءَ واري نموني جو.

– **برادرانِ يُوسفِ:** ذ. ف. يوسف جا پائر جن خيانت ڪئي هئي) مخالف پائر.

– **برادَر جو مُنْهن (ت):** محاورو. پائپيءَ جو ڏوهه. ذات وارن جو ڏوهه. مٽي مائٽيءَ جو پلئه.

– **برادَرِ حَقيقي:** ذ. سڳو پاءُ.

– **برادَرِ خوانْدگي:** ث. پاءُ سڏائڻ جي حالت.

– **برادَرِ دين:** ذ. دين پائپي. برادَرِ رضاعي ـ ٽڻ شريڪ پاءُ.

– **برادَرِ رضاعي:** ذ. ٽڻ شريڪ پاءُ.

– **برادَرزادو ج برادَرزادا:** ذ. صفت. پاءُ جو پٽ ـ پائٽيو. برادريءَ جو ٻار.

– **برادَري ج برادَرُون:** ث. پائپي ـ پائيبندي مٽي مائٽي. عزازت. قرابت. نيات ـ ساڳي قوم. جماعت.

– **برادري ڪرڻ:** پائپي ڪرڻ. پلائي ڪرڻ. سڳ ڪرڻ.

– **برادريءَ مان ڪڍڻ:** راڄ مان ڪڍڻ. جماعت يا نيات مان ڪڍڻ. ٽالهيءَ ياڄيءَ مان ڪڍڻ ـ قبلهيءَ مان ڪڍڻ.

• **برادِيا:** اسر خاص. لس ٻيلي طرف مسلمانن جي هڪ قبيلي جو ٽالو.

• **برارْ:** ذ. [ع] پائخانو ـ ڪرفتي "بُو. بزار = تورو پيشاب".

• **بُراقَ ج بُراقَ:** ذ. [ع] اهڙو سواري جنهن جي ذريعي حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن معراج رات يروشلم کان آسمان تي پهتا.

– **بُراقَ ڪرڻ (ت):** بيمار يا زخمي ڪهوڙي کي سير وجهڻ.

• **بَراڪ ج بَراڪُون:** ث. [انگ. barrack] لشکر جي رهڻ جي جاءِ ـ چانوڻي ـ سپاهه خانو. سامائجڻ کي ويجهي (چوڪري) ـ بالغ ٿيڻ واري وڏي چوڪري.

• **بَراڪي ج بَراڪيُون (ث):** ث. وادڪي ڪمر جو هڪ اوزار.

• **بَرانْدو ج بَرانْدا:** ذ. [ف. برآمده] ورانڊو. آڳڻ ـ دالان.

• **بُرّانْ:** صفت. [ف. بُريدَنْ = وڍڻ] وڍيندڙ ـ ٽڪو ـ تيز.

• **بُرانج:** ذ. گاه جو قسر (لَنب جهڙو). سدائين سائو. اَن ڏٺ طور ڪائجي.

• **بُرانجهه، بُريانجهه (ث):** ذ. وس تي اپرندڙ هڪ ٻوڙو.

• **بِرانْچ ج بِرانْچُون:** ث. [انگ. branch] شاخ. پاڳو ـ حصو. وڏي واهه مان نڪتل ننڍو واهه.

– **بِرانْچِ اِسْڪُول:** ذ. وڏي اسڪول سان لاڳاپيل ننڍو اسڪول.

– **بِرانْچ پوسٽ آفيس:** ث. وڏي پوسٽ آفيس سان لاڳاپيل ننڍي آفيس.

• **بِرانْڊي ج بِرانْڊِيُون:** ث. [انگ. brandy] ولايتي شراب جو هڪ قسر.

• **بِراٽو ج بِراٽا (ت):** ذ. صفت. [سن. وراڏ > سنڌي. بُر > بِراٽو] وراڏل ـ ڪاوڙيل ـ غصي.

• **بُرآوُرد:** ذ. [ف] ضرب ـ ڪوڙو. تخمينو. حساب ـ ليکو. حاضريءَ جو نقشو. پگهار جو بل.

– **برآورد ڪرڻ:** ضرب ڪرڻ ـ ڪوڙو ڪڍڻ.

– **بَر آورد ڪرڻ:** حاضري وٺڻ. حساب ڪرڻ.

• **بِراهْماٽي:** اسر خاص. بلوچن جي مختلف قبيلن ۽ پاڙن جو ٽالو.

• **بِراهُوئي:** اسر خاص. ڏسو "بروهي".

• **بَراءِ ج بَراٽُون (ڪ):** ث. [ف. بلا] زحمت ـ تڪليف ـ مصيبت.

– **بَراٽُون ڪَٽڻ:** بلائون ڪٽڻ. زحمتون ڪٽڻ.

• **بَرائَتَ:** ث. [ع] چوڪارو ـ آزادي. ڏسو "برات".

• **بِرائي:** اسر خاص. لس ٻيلي" ۾ رهندڙ "مينگل" قبيلو.

• **بُرائي ج بَرائِيُون، بُرائِيُون:** ث. مندي. بُڇڙائي ـ خرابي. قباحت. عيب. الزام ـ تهمت. فحش ـ گالهه.

– **بُرائي تي اُڻڻ:** بڇڙائيءَ تي سنيرڻ.

– **بُرائيءَ تي اُڇڻ:** بُڇڙائي ڪرڻ تي تيار ٿيڻ.

• **بَرائي:** حرف جر. [ف] جي واسطي "برائي خدا = خدا جي واسطي".

• **بَڑباد:** صفت. [ف] قتل ـ ويران ـ اُجڙ. غيرآباد. پڙ پانگ. (ظرف) ڏڻ ـ ڇڄ ـ تباهه ـ ناس. خرابه ضايع.

– **بَرباد ڪرڻ:** ناس ڪرڻ ـ ڇڄ ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ.

– **بَربادي ج بَربادِيُون:** ث. سَڄ ـ تباهي. پينگ. نابودي ـ نيستي ـ فنا.

• **بَرْبادُ ج بَرْبادَ:** ذ. صفت. برباد.

• **بَرْبَتْ ج بَرْبَتَ (ت):** ذ. وڏي جَونهَ ـ رِنڊ (ت) ـ تولهَ ـ بودو (ل).

• **بَرْبَرْ:** صفت. [ع] جهنگلي ـ وحشي. (اسم خاص) اُتر آفريڪا جو هڪ علائقو (جو وڏي رڍ پٽ جي اُتر ۾ آهي. جنهن ۾ طرابلس. تيونس. اَلجيريا ۽ موراڪو شامل آهن).

– **بَربَرِيَّتْ:** ث. جهنگليپڻو ـ وحشائيت.

• **بَرْبَري ج بَرْبَرِيُونْ (ڪ):** ث. هڪ قسم جي وڏي ٻڪري ("بَربَر" ملڪ جي). هرڻيءَ جو هڪ قسم "سان بن بچن پانهنجي. بيسڪ آئي سان بربَري".

• **بَرْبَطْ:** ذ. [ف] ساز جو هڪ قسم ـ سُرندو.

• **بُرْبُلْ ج بَرْبُلِيُونْ:** ث. [ف. بَلبَل] بَلبل ـ پوري ـ عَندليب.

– **بَرْبُلو ج بَرْبُلا:** ذ. نر بلبل.

– **بَرْبِلي، بَرْبُلي ج بَرْبُلِيُون، بَرْبَلِيون:** ث. مادي بلبل. (صفت) بلبل وانگر ٽيڪيون ڏيندڙ ـ نڇڻي. ڪجري. نازنخري واري ـ نخريلي. چالاڪ.

• **بَرْبُلو ج بَرْ بِلا:** ذ. [ف. بَلبَل] بَلبل. (صفت) گوسڙو. بي فرمان. لاڏلو. پيارو ـ سڪيلڏو.

• **بُرْبُلو ج بُرْبُلا:** ذ. صفت. [سن. پور] گهٽو ـ جام ـ بهُون ـ ريل جيل.

– **بُرْبُلاتَكا:** ذ. جهجها تڪا. ريل جيل ڏوڪڙ "پراڻي ڪوٽري. بُرْبُلا تَكا" (جوڻي). حرام جا پئسا.

• **بَرْتاءْ:** ذ. [سن. وَرْتَنْ] ورتاءَ ـ هلت ـ روش ـ سُلوڪ ـ رَوِيو.

• **بَرتاسُرخي:** ث. پساريڪي وڪرجو هڪ قسم (گاڙهي رنگ جو ڪوٽ).

• **بَرْتَرْ:** صفت. [ف] وڌيڪ مٿانهون ـ تمام اُتانهون ـ بلند.

– **بَرْتَري:** ث. مٿانهين ـ بلندي. وڏائي ـ بزرگي. فضيلت.

• **بَرْتَنْ، بَرْتَنْ ج بَرْتَن، بَرْتَنْ:** ذ. [سن. بارْتار = برتن] ٽانڊ ـ باسڻ ـ رَڄُ.

• **بُرْتْ ج بَرُتَ:** ذ. ڪپڙي وغيره تي سَٽ يا ريشم جي گلڪاري ـ پَرتُ. [انگ. berth] جهازن جي بيهڻ جو هنڌ.

• **بَرْتو ج بَرْتا:** ذ. [هـ. پرت] پٽاڻن. ميهن. واڳڻ وغيره جو ٽريل ڄورو ـ پرتو ـ بَرڦو.

– **بَرْتو كِيڻ:** سخت مار ڪيڻ.

– **بَرْتو كَرڻ:** ماري مَڄ ڪرڻ ـ ڪٽي باهه ڪرڻ.

• **بَرْتُو ج بَرْتُو:** صفت. پرتو ـ پَريل.

• **بِرْتو ج بِرْتا:** صفت. [بي + رِتو = بنارٽ جي] اورٽو ـ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي. اچايو ـ نڪمو ـ بيڪار.

• **بَرْتي ج بَرْتِيُون:** ث. [بَرتي > بَرتي] موجودي ـ ميسري ـ موجودات. پورائي. بادي. سبب پيٽ جو پراءُ ـ بدهضمي ـ جوگير.

• **بِرْتِش:** صفت. [انگ. British] انگريزن جو ـ برطانوي.

– **بِرتِش سَلْطَنَت:** ث. انگريزن جي حڪومت.

• **بُرْتْ ج بُرتَ (ت):** ذ. صفت. بُٽ ـ سُڪل ـ خشڪ (زمين). ويران ـ غيرآباد.

• **بَرْتْها:** صفت. [ف. برپا (بر = تي + پا = پير) = پيرن تي] پيرن تي. بيهل ـ قائم.

– **بَرْپا ٿِيڻ:** قائم ٿيڻ. وجود ۾ اچڻ.

– **بَرْپا كَرڻ:** كَرُو كرڻ ـ قائم ڪرڻ. اُتارڻ.

– **بَرْپا هُئڻ:** قائم هئڻ.

• **بَرْپَتْ ج بَرْپَتَ:** ذ. بيابان ـ رڻ ـ صحرا "كَرڙا ڏونگر. ڪاهه ڪهٽي. جت برپت بيبان" (شاه). ويراني ـ سُڃ.

• **بَرْجْ:** ث. [سن. وَجْر = وج] وج. وڄ جا ڪڙڪاٽ.

• **بِرْجْ:** ث. [سن] خلا. ويراني.

• **بُرْجْ ج بُرُجْ:** ذ. [ع] قلعي جو ٽل ـ ڪُنگرو. منارو "ڏنو اڄ اڏيو. هُنيڙو ڪوٽ بُرج جيئن" (شاه). سج جي دائري جي بارهن منزلن مان هڪ منزل [سج جي انهيءَ دائري کي عربيءَ ۾ "دائرة البروج" يعني بُرجن جو گهيرو چوندا آهن. ۽ هندي، ۾ ان کي "راس منڈل" چون. اُهي برج پنهنجي جدا جدا اَثرن ڪري چئن عنصرن ۾ ورهايل آهن. هر هڪ عنصر ۾ ٽي بُرج آهن. آبي بُرج: سُرطان (ڪيڪڙو). عَقْرَب (وڇو). حُوت (مڇي). آتشي بُرج: حَمَلْ (گهيٽو). اسد (شينهن). قوس (ڪمان). بادي بُرج: جَوزا (جاڙا). ميزان (ساهمي). دَلْوُ (ڍول). خاڪي برج: ثَور (وڇي). سُنْبُلَهْ (سنگ) ۽ جَدي (ٻڪرو)]. تارن جو ميڙ. شاخ ـ جوٽي "اڄ رسيلا رنگ بادل ڪيا بُرجن سين" (شاه).

• **بُرْجا:** ظرف. [ف. بر = بي + جا = جاءِ] جايائتو ـ هنڌائتو. برابر ـ ٺيڪ پورو. واجبي ـ موزون. (ث) جميعت ـ مات ـ بيفڪري (س).

• **بِرْج پاشا:** ث. بِرْجُ علائقي (مٿراءِ ۾ ان جي آسپاس وارو ملڪ جنهن ۾ بندرابن. گوڪل وغيره شامل آهن) جي بولي (جا سنسڪرت جي پاشائن ۾ فصاحت ۽ بلاغت ڪري ممتاز آهي).

• **بَرْجَسْتو ج بَرْجَسْتا:** ظرف. [ف. بَرْجَسْتَه] بروقت ـ برمحل ـ عين مرڪعي تي ـ وقت تي. (صفت) چُست ـ چالاڪ ـ ڪَرُو نڙو. نمايان ـ ممتاز.

• **بِرجَلَ ج بِرجَلُونْ (ت)**: ث. نارجي جڪر ۾ پيل هڪ ڪانءِ ـ بِرجَلْ.
• **بِرْجِلوت ج بِرْجِلوٽُونْ**: ث. [انگ. bridge-load] ڪارتوسن واري بندوق. (صفت) تيز رفتار.
• **بِرجِمر**: ذ. ميڻهن وساڙو "ڏسي برجمر بانوريا، لالي لال لبن" (وڌو).
• **بَرْجَنگ ج بَرْجَنگ**: ذ. [سن. مُرْدنگ] هڪ قسم جو ساز ـ مِرڏنگ. (دهل) "سازَ سارنگيون سُرندڙ، وڄائين برجنگ" (رسالو).
• **بَرجَنْ (ت)**: فعل مجهول. [برجڻ > برجنْ] ڪنهن سبب بيمار ٿي پوڻ. تنگون چڙهي پوڻ ـ ڪُرجي پوڻ. (بريو ـ بريو ـ بريل).
– **بَرجي پوڻ**: بدن ڪُرجي پوڻ. جسم ونجي پوڻ. ٻُٽ سڪي پوڻ. ڏاڍو ٿڪ ٿيڻ.
• **بِرجِيس**: ذ. [ع] مُشتري گرهه (جو ڇهين آسمان تي آهي. ۽ "سعد" ليکبو آهي. "فلڪ جو قاضي" به چونس).
• **بَرْجَهْ (ک)**: مصدر. [بَرأجڻ > بَرجڻ] مشابهت رکڻ. هُوبَهو هُجڻ. نهي وڃڻ. (برجيو ـ برجيندو ـ برجيل).
• **بِرچ ج بِرچَ**: ذ. [سن. وِرِڪْشَ = وڻ] وِرڪ ـ وڻ ـ درخت.
– **بَرْچي بَردار**: ذ. صفت. نيزي برَدار ـ پالي وارو.
• **بَرْحال**: ظرف. [ف] حال تي. قائم. ٺيڪ ـ صحيح ـ درست.
• **بَرْحَقْ**: ظرف. [ف. بَرْ (=تي) ع. حَقّ (=سچ) = سچ تي. حق تي] سچ ـ ٺيڪ ـ درست ـ بجا ـ برابر. (صفت) حق تي ـ سچو "اللّٰه هيڪ، محمد برحق، شال مان جوان حرف اهي ٿي" (شاه).
• **بَرْخاسْتْ**: ظرف. [ف. بَرخاستن =اَٽڻ] بس ڪري اَٽڻ. ختم ـ بند. موقوف.
– **بَرخاست ڪرڻ**: اَٽڻ (ڪجهري) ـ بند ڪرڻ. موقوف ڪرڻ. لاهڻ (نوڪريءَ مان).
• **بَرْخِلاف**: ظرف. [ف. بَر + ع. خلاف = اَبتڙ] اَبتڙ ـ اُلٽو ـ ناموافق. مخالف. دشمني ڪندڙ ـ منگهُرو.
– **بَرخِلافِي ج بَرخِلافِيون**: ث. مخالفت. دشمني.
• **بَرْخورْ**: ذ. برتو ـ برڪو.
• **بَرْخُورْدارْ**: ذ. صفت. [ف. برخور = شان. آسودگي. بخت. روزينو + دار = رکندڙ] خوش بخت. روزي بردار. پٽ جو لقب.
• **بَرْد**: ث. [ع] ڏڙ ـ سردي.
• **بَرِدْ (ک)**: ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ اوساريءَ جي سڌائي جانچڻ جو اوزار ـ شاقول.
• **بَرْدَ ج بَرْدَهْ**: ذ. [سن. بَلِيوَرْدَه] ڍڳو ـ ڏاند ـ بيل ـ بَرْدَ (ل) "ڏاگهنئون ڏيرن، آندا برد پنهور ۾" (شاه).
• **بَرْدْ ج بَرْدَهْ**: ذ. [سن. وِرْدَ] واڌارو، خوشي. دولت؛ ه. بِرَدْ = ناموس. نالو. سارا] ناموس ـ سارا ـ نيڪنامي. عزّت ـ آبرو ـ وقار ـ شان. پت ـ لج ـ شرم ـ ننگ.
• **بُرْد**: ث. [ف. بُرْدَنْ = ڪٽي وڃڻ] حاصلات ـ آمدني. نفعو. رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڌر طرف فقط 'بادشاهَ' جو اڪيلو رهجي وڃڻ واري حالت (جنهن کي ماڻ راند چوندا آهن). ماڻ جو پٽ. ڪُجهارت. پتاپتي ڪپڙو.
– **بُرد يمانِي**: ث. ريشمي پتاپتي ڪپڙي جي پوشاڪ.
– **بُرد ڏيڻ**: شطرنج راند ۾ مخالف جو صرف بادشاه بچائڻ. پوءِ يا مستيءِ مان بتاڪ هڻڻ (ڪ) هڪ جي ٻي ٻڌائڻ. آڏو جواب ڏيڻ.
• **بَرْدار**: ث. [ف. بَرْ = تي + دار = سُوري] قاسي ـ سُوري ـ موت "لاڻ ڪارڻ لڄ. باسيائين بردار جي" (شاه).
• **بَرْدار**: ذ. صفت. [ف. بَرْدار < برداشتن = کڻڻ] اسم جي پٺيان "ڪندڙ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دست بردار، علم بردار، وغيره". [ف. بَرْ = ميوو + دار] ميوبدار ـ ڦلدائڪ (وڻ). برَوارو ـ مرڪبو (ڪپڙو).
• **بَرْداشْتْ**: ث. [ف] سهپ. طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪاڻ.
– **برداشت خاطر**: ظرف. بيزار ـ اداس ـ بيدلبو. رنج ـ غمگين.
– **برداشت ڪرڻ**: سهڻ.
– **برداشْتَه دِل**: ظرف. بيدلبو. ڏسو "برداشت خاطر".
• **بَرْدان**: ذ. [سن. وَرَ = گهوٽ + دانَ = سوڪڙي] وهاڻءِ جي سوڪڙي. دعا جو جوابه.
• **بُرْدِبارَ ج بُرْدِبارْ**: ذ. صفت. [ف. بُرْد < بُردن = کڻڻ + بار] بار کڻندڙ. همت وارو. برداشت ڪندڙ ـ سهندڙ. صابر ـ گنڀير. ڪاڻ وارو ـ مُتحمّل ـ ديرينو.
– **بُردبار ٿيڻ**: گنڀير ٿيڻ. صبر وارو ٿيڻ ـ ديرينو ٿيڻ.
– **بُردباري**: ث. حلم ـ صبر ـ ڪاڻ ـ ڏيرج ـ ڏَهر.
• **بُرْدِبانَ ج بُرْدِبانْ**: ذ. [ف. بادْبان] ٻيڙيءَ جو سڙهه.
• **بَردو ج بَردا**: ذ. [ف. برده] غلام ـ ٻانهو ـ گولو. جنگي قيدي.
• **بَرْدَوامْ**: ظرف. [ف] دائم ـ سانڍه ـ هميشه.
• **بَرْدَهْ**: صفت. [ف] بَردو.
– **بَرده فَروش**: ذ. صفت. ٻانهن جو واپاري ـ غلام فروش.
– **بَرده فَروشِي**: ث. ٻانهن جو واپار ـ غلامن جي تجارت.
• **بُرْدَه**: صفت. [ف] ڪُنيل ـ پڃايل (عورت، چوڪرو وغيره).
• **بُرده فَروش**: ذ. صفت. اهو ماڻهو جو چوڪريون پڃائي يا خريد ڪري

اُنهن کان کسب کرائي يا وکيل. پانڊي ـ کجر ـ پڙو.

• **بُرْدَه:** ذ. [ع] پوڇن "قصيده بُرده" = بوهيري، وارو قصيدو جنهن جي چوڻ ڪري خواب ۾ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجو پوڇن سندس ڪلهن تي ڏيرو. جنهن ڪري سندس سڄ درد دفع ٿي ويا).

• **بُرْدي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا چوويهه پاڙا آهن: اَرباڻي بُردي. بجاراڻي. بابڪاڻي. بڪراڻي. بنگلاڻي. بنگوار. چيلاڻي. ڏاهاڻي. گجاڻي. گبول بُردي. گولا. گاڏهي. گورشاڻي. جعفري. جبلاڻي. ڪنراڻي. ڪٽوهر. لولاڻي بُردي. مغيري بُردي. مستوئي. نناڻي. نوحاڻي بُردي. تيغاڻي. عمراڻي).

• **بُرْديت:** ذ. [سن. وينالڪ] جارڻ ـ مداحي.

• **بِرْدَ ج بِرْدا:** ذ. [بِرْدَ > بِرْذ] ننگ ـ ناموس ـ عزت ـ آبرو. لج ـ شرم. [سن. وُرِدَ] پرڙهو ـ ٻڌو.

• **بُرْدَڻ:** مصدر. [سن. ۱. وُرِدَ = وڌڻ؛ ۲. بَلِيوَرد > بَرد > بَرْدَ = ڏيڻ] واڌارو ڪرڻ. ڏيڻي ڏيڻ ميڙاڻڻ. اڳ جهلاڻڻ. (بَرڌيو ـ بَرڌيل).

• **بَرْڙ بَرَڙ ج بَرْڙ بَرڙ:** ذ. صفت. وڏو ـ تمام وڏو. چالاڪ ـ هوشيار ـ عيار.

ـ **بَرْڙ باڪاس، بَرَڙباڪاس:** ذ. راڪاس کان به وڏي بلا ـ ديو. خوفناڪ ـ پرائتو. طاقتور ـ ظالم. وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ. رشوت وٺندڙ ـ راڪي. ڪائو ـ ڏرو.

• **بُرْڙ:** اسم خاص. تعلقي پٽي عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُرْڙاٽ ج بُرْڙاٽ:** ذ. هوا خارج ٿيڻ جو وڏو آواز. ٻتاڪ ـ ڌاڙ ـ لاف ـ لٻاڙ. چيڀچ ـ زيٽ. ريح جو آواز ـ وڏو تت.

ـ **بُرْڙاٽ ڪرڻ:** ريح سان فضلو به خارج ٿيڻ. وڏو تت ڏيڻ. ڏيڪ ڏيڻ ـ داڦ ڏيڻ. فضيتي ڪرڻ (ت).

ـ **بُرْڙاٽ هڻڻ:** ٻتاڪون هڻڻ ـ ڌاڙون هڻڻ.

ـ **بُرْڙاٽي ج بُرْڙاٽي:** ذ. صفت. ڌاڙي ـ لٻاڙي ـ ٻتاڪي. ڦاٽوڙو ڏهل.

• **بُرْڙو ج بُرْڙا:** ذ. "بُرو" جو اسم تصغير ٺاهڻ ڪنن وارو چيلو (ت). هُرڻ ۽ ٻڪريءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل چيلو (ل).

• **بُرْڙي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُرْڙ:** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ چونارو ـ مارو. شاهل. (اسم خاص) هڪ جبل جو نالو.

• **بُرْزَخ:** ذ. [ع] ٻن جايون جي وچ ۾ پردو يا وٽي. موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو. مسلمان جي عقيدي موجب اُها جاءِ جنهن ۾ مرڻ کان پوءِ قيامت تائين روح رهندو.

• **بُرْس ج بُرُس:** ذ. [سن. وُرْش] ورهيه ـ سال.

• **بُرْسُ ج بُرُش (ت):** ذ. ڪاغذ جو ٽيپر (جو بُرش بدران ڪانگر ڪم آڻين).

• **بَرسات بَرساتَ، ج بَرساتِيُون بَرساتُون:** ث. [سن. وَرْشَرتَ] مينهن ـ بارش.

ـ **بَرساتي ج بَرساتي:** ذ. صفت. برسات وارو ـ مينهن وارو.

• **بَرْساتي ج بَرْساتِيُون:** ث. بارش کان بچائيندڙ ڪوٽ يا جُبو. گهوڙن جي هڪ بيماري ـ بدڪنار.

• **بَرْسامَ:** ث. [ف] سيني جو سُور ـ ذات الجنب.

• **بَرْسائِشْ:** مصدر. [سن. وَرْش = وسڻ] وسائڻ ـ آباد ڪرائڻ. بنائڻ ـ سينگارڻ. اَڻ جي واڙ ڪرڻ. (برسايو ـ برسائيندو ـ برسايل).

• **بَرْسَر:** ظرف. [ف] مٿي تي ـ مٿان "جي هجين عاشق ٿ برسر مينهن محبت جو وساءِ" (سچل).

ـ **بَرسَرِ اِقْتِدار:** محاورو. اقتدار ۾ آيل. آٿر يا رسوخ وارو. طاقتور. حڪومت ڪندڙ ـ حاڪر. ناظم امور.

ـ **بَرسَر بازار:** ظرف. کليو ڪلايو ـ پٽري پٽ.

ـ **بَرسَر ڪرڻ:** مٿي تي رکڻ ـ قبول ڪرڻ. ٻاڻ تي هموار ڪرڻ.

• **بَرسِنيو ج بَرسِنيا:** ذ. سنيهو ـ پيغام ـ نياپو "برسنيو بهرام کي. منهنجو پانڊي نيٽي پهچائي" (ملو ڪوسو).

• **بَرْسَنگ:** ذ. [ف] ٻن شين جي وچ ۾ آئل پوري ڪرڻ جو وَٽ ـ آهن ـ پاسنگ.

• **بَرْسَڻْ:** مصدر. [سن. وَرْش = وسڻ] مينهن وسڻ ـ بارش پوڻ. مَلڪ وسڻ. زمين آباد ٿيڻ. گهٽي آمدني ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. تيار ٿيڻ. (برسيو ـ برسيندو ـ برسيل).

ـ **بَرسائِشْ:** مصدر. "برسڻ" مان متعدي بالواسطه. وسائڻ ـ بارش ڪرڻ. آباد ڪرڻ. مَلڪ وسائڻ. سهڻو بنائڻ ـ سينگارڻ.

ـ **بَرسِجَڻْ:** مصدر. "برسڻ" مان فعل مجهول. آباد ٿيڻ. وسڻ. سينگارجڻ. وڌڻ.

• **بَرْسَڻْ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسيم.

• **بَرْسو:** ذ. "دل پسند" راند ۾ اُهو داءُ جنهن جي ڪٽڻ سان ٽيٽي رقم ملي.

• **بَرْسِي ج بَرْسِيُون:** ث. [سن. وارْشِڪ] بارهين مهيني تي ملهايل ڏينهن ـ سالگره ڪنهن فوتيءَ جي بارهين مهيني ملهايل درسي.

• **بَرْسِيمْ، بَرْسِيڻْ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسينگ.

• **بَرسِينْگ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسيم.

• **بُرُشُ ج بُرُش:** ذ. [انگ. brush] وارن يا وار جهڙن تاندورن سان جڙيل ڪاڻي، وغيره جو ٽڪرو (جنهن سان ڪپڙو، ٻوٽ، ڏند وغيره صاف ڪجن) ـ مُوقلم.

• **بَرْشڪال:** ذ. [سن. وَرِش = مينهن + ڪال = وقت] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.

• **بَرَص:** ذ. [ع] ڪوڙهه جو مرض (بہ قسم: 'بَرَص ابيض' = اڇو ڪوڙهه ۽ 'برص أسود' = ڪارو ڪوڙهه).

• **بَرْطانيہ:** اسم خاص. [انگ. Britannia] برٽن ـ انگلنڊ.

• **بَرْطَرَفُ:** ظرف. [فـ بَرْ + ع. طرف] پاسي ـ پري ـ الڳ ـ علحدہ خارج ـ موقف.

ـ **بَر طرف ڪرڻ:** تارڻ ـ پاسي ڪرڻ. موقوف ڪرڻ نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.

ـ **بَرطرفي:** ث. نيڪالي ـ علحدگي. موقوفي.

• **بَرْعَڪْسُ:** ظرف. [ف. بَر + ع. عَڪْس] اُبتو ـ خلاف. مختلف.

• **بَرْغلائڻ:** مصدر. [فـ بَرغلائيدن] ڦيرڻ ـ ٽيڙڻ (بدنيتيءَ سان). پنهلائڻ ـ ڏوکو ڏيڻ ـ ورغلائڻ. (بَرغلايو ـ بَرغلائيندو ـ بَرغلايل).

• **بَرْفُ:** ث. [ف] جميل پاڻي ـ يخ. سخت ٺڪ.

ـ **برفاني:** ذ. صفت. برف جو ـ برف وارو. برف پوڻ واري علاقي جو. ٽمار سرد مُلڪ يا ٺڏيءَ هوا جو.

ـ **برفباري:** ث. برف وسڻ جي حالت.

ـ **بَرف پَرْوَرْدہ:** ذ. صفت. برف ۾ ٺڏو ٽپيل يا ڄايل.

ـ **بَرف پوڻ، وسڻ:** سخت سردي پوڻ ـ پارو پوڻ.

• **بُرْقَتُ:** اسم خاص. سنڌ ۽ لس بيلي جي ڪوهستاني علاقن ۾ رهندڙ قبيلي جو نالو. (اصطلاحاً) جابلو جوان 'وٺي وڙ وات ٽيا، بُرقت بروهي' (شاه).

• **بَرْفي:** ث. [ف. بَرف] ڪير مان ٺهيل (برف جهڙي اڇي) مٺائي.

• **بَرْڦو:** ذ. ڏسو 'بَرْتو'.

• **بَرْقُ:** ث. [ع] بجلي ـ وج ـ ڪَنوڻ. گاڏ جي طاقت سان بنايل هٿرادو روشني.

ـ **بَرق اَنْداز:** ذ. صفت. بندوقچي. پاسبان ـ پهريدار.

ـ **بَرقي ج بَرقِي:** ذ. صفت. برق جو ـ بجليءَ جو.

• **بُرْقعو ج بُرْقعا:** ذ. [ع. بُرْقُع] نقاب زالن جي ستر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو سبيل ڪپڙو (جنهن سان سجو بدن ڍڪجي ويندو آهي). صوفين جي اصطلاح ۾ مراقبي ڪرڻ وقت مُنهن گوڏن تي رکي مٿان سجي جسم کي لڪائڻ يا ڍڪڻ جي چادر 'برقعان اندر بازيون. پنهنجو سپ پڃاءِ" (شاه).

ـ **بُرقعو فٽائڻ:** مري وڃڻ ـ لاڏاڻو ڪرڻ.

ـ **بُرقعي پوش:** صفت. بُرقعي پائيندڙ (زال) ـ پرهيز واري (عورت).

ـ **بُرقعي ۾:** محاورو. بُرقعي اندر ـ پردي ۾. لڪ ڇپ ۾ ـ ڳجهه گوهه ۾.

ـ **بُرقعي ۾ ـ ٻُرڪو:** محاورو. بُرقعي اندر بدمعاشي.

• **بَرْڪُ ج بَرْڪ (ڪ):** ذ. [فـ بَرَک = اَن جي ملس جو ڪپڙو. صدري] ٽمار وڏي ڳوڻ ـ پوڇهو ـ برڪي.

• **برڪا (لس):** (اَ. بر + ڪار = ڪم تي) ڪم ڪار ڪل پورو، چاق چوٻند، سالم صحت وارو. "خوش من ڏينهن خميس جي براهم چٽي برڪار" (شيخ ابراهيم).

• **بَرَڪات:** ث. [ع. بَرَكَة ج بَرَكات] برڪتون ـ دعائون "بابَرَڪات = برڪتن وارو".

• **بَرَڪَتُ ج بَرَڪَتُونْ:** ث. [ع. بَرَكَة] واڌ ـ زيادتي ـ ڪثرت ـ گهڻائي. دعا ـ آسيس. پلاڻي طفيل ـ وسيلو. ڳڻڻ يا تورڻ مهل "هڪ" جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.

ـ **برڪت پوڻ:** واڌ ٿيڻ ـ ڪثرت ٿيڻ. فائدو پوڻ.

ـ **برڪت نڪرڻ:** ڪوٽ پوڻ. گهٽتائي اچڻ. نحوست اچڻ.

• **بَرَڪَتي ج بَرَڪَتِي:** ذ. صفت. برڪت وارو. فائدي وارو.

• **بَرْڪَشي:** ث. سَرڪشي ـ انحرافي ـ نافرماني. مقابلو.

• **بَرْڪڻ:** ث. اُتر اولهه جي ڪُنڊ ڪان لڳندڙ هوا (جا تيز لڳڻ سبب ٻيڙيان لاءِ نقصانڪار هوندي آهي. مهاڻا اُن وقت ٻيڙيون نہ هلائيندا آهن. انهيءَ هوا ۾. سنگن ۾ بيهل اُن پڻ مري ويندو آهي). جهڪ. اُتر اولهه جي ٺڏي هير.

• **بَرْڪو ج بَرْڪا:** ذ. [ع. بِرْكَ] تلاءِ ـ حوض.

• **بَرْڪو ج بَرْڪا:** ذ. [انگ. (boring= سوراخ ڪيڻ) borer <= سوراخ ڪيندڙ اوزار] بندوق جي نالي۽ ۾ تنگ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار (لوهه جو گرمٽ يا برمو).

• **بَرْڪي ج بَرْڪِيونْ:** ث. [فـ بَرَكي = ڏگهي نموني. جي ڪلاه] ڪپهه وغيره جي وڇهڻ لاءِ وڏي گوڻ ـ بَرْڪُ (ڪ).

• **بَرْڪُ، بَرَڪَتُ (ث):** ذ. [ع. بَرَكَة] اضافو ـ واڌ. ڏُعا. 'مالُ' سان اَنّ پوڻ وقت يا فصل جي پيدائش تورڻ وقت ڳائيتي جو 'پهريون' واڪ' (يعني تہ دعا ۽ برڪت خاطر 'هڪ' جي بدران 'برڪ' يا 'برڪت' يا 'برڪت' چوندا).

• **بَرْڪُ ج بَرْڪ:** ذ. صفت. [ع. بَرَكَة] برڪ = ڳائيتي ۾ پهريون]

بهريون ـ سڀ کان اول. عزت وارو ـ معتبر، اڳرو ـ وڏيڪ. [سن. پُـرَ مَکَ] نامياريو ـ مشهور. [سن. وَرْشَ] ورهيه ـ سال.

• **برڪ:** ذ. [سن. وَرِشَ = ڏيڳو] تارن جي پارهن برجن مان هڪ برج جو نالو (جو ڏيڳي جي شڪل تي ٿئي ٿو) ـ ورکَ ـ ٿور. [سن. وِرِکْشَ] وڻ ـ درخت.

• **برڪَنڊ** (ت): ث. ڏڳهو ۽ گهاتو وڻ.

• **برڳ** ج **برڳ**: ذ. [ف] پَنُ ـ پتو. توشو ـ سامان ـ سمر. اسباب. وجائڻ جو هڪ ساز. [سن. وَرْگ] هڪ طبقي جي ماڻهن جي محفل. هڪ قسم جي شين جو ميڙ. هڪڙي مخرج جا اکر.

– **برگ سبزْ**: ذ. سائو پَنُ ـ ٿورڙو نذرانو ـ ڏڻ مُٺ. غريباڻي سوکڙي "برگ سبزيست، تحفه درويش".

– **برگ گـُل**: ذ. گلاب جي گل جو پن. (کناية) معشوق جا چپ ۽ ڳل.

– **برگ و ناڻي ڪرڻ**: ڇڪو ڦڪو ڪرڻ ـ نيرن پاڻي ڪرڻ ـ هيانءُ جهل ڪرڻ. ٽڪ ڏيڻ.

– **برگ ونوا**: ذ. سامان ـ توشو ـ سامگري.

• **برگ**: ذ. [ع. برق] ڪنوڻ ـ وڄ "ريون ناهن راس، برگ ناو برابري" (صدرالدين چارڻ).

• **برگزيدو**: ذ. صفت. [ف. برگزيده] چونديل ـ ڏٺيل. مقبول ـ محبوب. وٺيل. پهتل (شخص) ـ سڳورو ـ نيڪ (ماڻهو). وڏو (ماڻهو) ـ معتبر ـ معزز.

• **برگشتي، برگشته**: صفت. [ف. برگشته] قريل ـ اُلٽو ٽيل. پريشان.

– **برگشته أختر**: ذ. صفت. (تاري ڪڍيل) بدنصيب ـ نياڳو.

• **برڙ** ج **برڙ**: ذ. [سن. بِلْوَ. وِلْوَ] بيل يا ڪويٽ جو وڻ (جنهن جو ميوو تمام مِٺو ٿيندو آهي. ۽ هن وڻ جا پن شو مهراج جي پاٺ پوجا ۾ ڪم ايندا آهن).

• **برما**: اسم خاص. مشرقي پاڪستان (اوڀر بنگال) جي اُپرندي وارو لاڳو ملڪ.

• **برما ٻوٽي**: ث. ٻساريڪي وڪر جو هڪ قسم جي گاهه جا ڪُل پن. ۽ هيدي ۽ سبز رنگ جون ڪائيون).

• **برهلا**: ظرف. ڪليو ڪلاڀو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءَ پٽ. ديناداستي ـ ڏاڍو واڌو "سُڄن جي ستائيو، ٻُجهن برملا" (رسالو: ڏاسري).

• **برهڻ** (ل): مصدر. ٿهڻ ـ پوري پڄڻ. (برميو ـ برمينڊو ـ برميل).

• **برهمر** ج **برهما**: ذ. [ف. برمه] سوراخ ڪڍڻ جو هڪ اوزار ـ گرمٽ. نندي سيرائي. نل وارو ڪٺهه بند جي پاسي ۾ ماڻهن جي اڄ وڄ جو رستو (ت).

• **برهمو**: ذ. [ع. برهمه] ديگڙو ـ ديگ.

• **برهمڻ**: ذ. [سن. برهمه = مزوري. پاروسون. هڪ سِکو. ڏن] هڪ سِکو (سوا ٻه رتيون تور).

• **برهمي**: ث. [هـ. برهمي] پساريڪي وکر جو هڪ قسم (زمين تي چٽ هٿندڙ هڪ ٻوٽي. جا پاڻيءَ جي ويجهو اُپرندي آهي. پن ننڍا. گول ۽ هڪ طرف کان ڪليل ٿين) ـ زُرْنَبَ (ف) ـ جُرجُر ـ جرجير (ع).

• **برهميڇڻ**: مصدر. [برهميدن] پاڻ کي ٻئي جهڙو سمجهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ سينو ساهڻ ـ مقابلو ڪرڻ "مرد جو مهريءَ سان برميڇڻ بادي" (حفيظ تيوٽو: مومل راڻو).

• **برَن**: ذ. [سن. وَرْنَ. وَرَنَ. رنگ. رُوپ ـ صورت. ذات ـ قوم. فرقو ـ پنٿ. بيان ـ تعريف.

• **برنجي**: ذ. [ف] چانڊور ـ چوڪا.

• **برَنج**: ذ. [ف] پِتل. تامو.

– **برَنجي**: صفت. پيتلي. تامائي.

• **برنج** ج **برُنجَ** (ت): ذ. [ع. بَـرْجَ > برَنج] چوٽي ـ ٽل. مٿانهين جاءِ. اعليٰ درجو. پينگهي جي پاين جي گول نوڪدار چوٽي.

– **برُنج تي هُجڻ**: خوش هجڻ ـ راضي هجڻ. هوش ۾ هجڻ.

• **برونگو** ج **برُنگا** (ل): ذ. مُنهن ـ ٻوٽ ـ ڏوناڙ.

• **برَني** ج **برَنيون**: ث. [ف] شيشي. پٽر يا چيني ۽ جو وڏي مُنهن وارو اُپو تانءُ (جنهن ۾ مُربا. آچار وغيره رکجي) ـ مرتبان ـ ڪُولو (ت).

• **برَني** ج **برَنيون**: ث. ڏسو "برني".

• **برو** ج **برا**: ذ. [ف. برّه = گهٽو. هرڻ جو ٻچو. غزال] هرڻ جهڙو هڪ قسم جو ٻڪر (ل) ـ چنڪمرو ٻڪر (ل) ننڍن وارن ۽ ننڍن ڪنن وارو ٻڪر (ل). ٻڪرو ـ ليلو ـ چيلو. (ث). بَري ج بَريُون]. (صفت) بَر وارو ـ ويڪر وارو "بـ بَرو، تـ بَرو، وڏ بَرو وغيره".

• **بُرو** ج **بُرا**: ذ. صفت. [سن. ۱. اَوَرَ = هيٺ. نيچ. ۲. وِرُوپَ < وِ = خراب + روب = شڪل] خراب ـ بُڇرو ـ بد ـ ڪنو. بدحال. نڪ ڪپيل ـ نڪ وڍيل ـ نڪ چنل. ويڙل يا ننڍي نڪ وارو ـ منو (ت). چنل نڪ وارو ٺ (جنهن جو مهار تويندي نڪ ڇڇي پوي). نراڇو ـ بيشرم.

– **بُرو پاڻڻ**: بُڇرو سمجهڻ. ناڪاري محسوس ڪرڻ. خراب لڳڻ (ڳالهائڻ).

– **بُرو پلو** ج **بُرا پلا**: ذ. صفت. ڇڪو ٽلو ـ نيڪ بد.

– **بُرو پلو ڇوڙ**: ڇڪو ٽلو ڇوڙ. ڳهت وڏ ڳالهائڻ. گارگند ڪرڻ.

– **بُرو وَقْت:** ذ. خراب وقت ۽ مصيبت جو وقت. تنگي مسڪيني ۽ تياگ.

• **بُرو:** اَمر. [بلوچڪي: ف. بِرو] هلیو وڃ. "بُرو قازا بات جنين حي. ٽانگو زوان ٽيشي".

• **بَرو بَرْ:** ظرف. [ف] برابر ۽ درست ۽ ٺيڪ ۽ صحيح. هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو ۽ يڪرو. مٽ سٽ. بيشڪ ۽ حقيقتاً.

– **بَرو بَري:** ث. برابري ۽ همسري ۽ هڪ جهڙائي. (صفت) برابر ۽ هڪ جهڙو "برنه تنهن برويري. ڪينجل آه ڪجا" (رمضان ڪنبر).

• **بَرُوتَ:** ث. [ف] مُڇون.

• **بُرُودا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيربور رياست ۾).

• **بُروجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بَرُودَتَ:** ث. [ع] سَردي ۽ سِيءَ ۽ ٺڏ.

• **بُرُوزْ:** ذ. [ع] ظهورو.

• **بُرُوقْت:** ظرف. [ف. بُرُ + ع. وقت] اَنهيءَ مهل ۽ اَنهيءَ وقت. اُتي جو اُتي ۽ تڏي ڪڏي ۽ نه پهه. ٽڏي تي.

• **بَروڪي (ل):** ث. سنهون ڪپڙو.

• **بَروهَنْد:** ذ. صفت. [ف] قلدائڪ آباد. شاهوڪار ۽ آسودو. خوش قسمت ۽ بختاور. راضي. زور وارو.

• **بِرُونْ:** ظرف. [ف. "بيرون" جو مخفف] باهر "ڊرون" جو ضد.

– **بِرون خانه:** ذ. باهريون گهر. اوطاق ۽ مهمان خانو.

• **بَرُوو:** ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. هڪ قسم جو پکي. وڻ جو هڪ قسم (تعلقي ٽنڈي محمد خان ۾ "محب شاه ملنگ" جي مزار تي انهيءَ قسم جو اڪيلو وڻ. جنهن کي اُتي جا ماڻهو "بروو" سڏيندا آهن). (صفت) مريض ۽ بيمار. گهايل "برهه خود بروو بنايس. بُت بچائي چا ڪريان" (احمد ملاح).

• **بِروهي:** اسم خاص. بلوچستان جي مخصوص بلوچ قبائل جو مشترڪ نالو.

• **بَرَهَ:** ث. [سن. يُورَه. پُرواهَ] پاڻيءَ جو ساندهه وهڪرو. سيلاب ۽ اَٽل ۽ هوڏ. ڇڙ ۽ ليٽ ۽ بَرهو.

• **بِرَهه:** ث. [سن. و13] جنس ۽ قسم ۽ نوع. نسين وڻ.

• **بِرْهِ:** ج **بِرْهَ:** ذ. [سن. ورَه < وِ = پري + رَه = ڇڏڻ] جدائي ۽ وڇوڙو جو درد. وِرهه ۽ فراق ۽ فوڙائو "برهه مڃايس بَر. نه تہ سُکي ڪير سڏون ڪري" (شاهه). حُبّ ۽ محبت ۽ عشق.

• **بَرْهارو:** ذ. زر سارو (ث). برهرو. برسات سيزن وڏي وس. درياء جو چاڙهه.

• **بَرْهاري (ث):** ث. سرنهن ۽ وڏائي.

• **بُرْهان:** ذ. [ع] روشن دليل ۽ يقيني ثابتي (دليل ۽ برهان ۾ هي فرق آهي. جو دليل عام آهي ۽ بُرهان خاص).

– **بُرهان اَنِي:** ذ. "معلول" مان "علت" ثابت ڪرڻ جي حجّت (۱. جسم ٺهيل آهي. ۲. سڀ ڪنهن ٺهيل (شيءِ) جو ناهيندڙ هوندو آهي. ۳. تنهن ڪري جسم جو به ضرور ناهيندڙ هوندو).

– **بُرهانِ سَلْمي:** ذ. (ڏاڪڻ وارو بُرهان) اُهو دليل جنهن جي رستي "لامتناهي" سلسلو ثابت ڪجي.

– **بُرهانِ قاطِع:** ذ. صاف ۽ فيصلو ڪندڙ دليل. فارسيءَ جي هڪ مشهور لغت جو نالو.

– **بُرهان قِياسي:** ذ. اُها يقيني حجّت جنهن مان يقيني نتيجو حاصل ٿئي ۽ نه ظنّي (شڪي). (۱. سڀڪو انسان حيوان آهي. ۲. سڀڪو حيوان جسم آهي. ۳. تنهن ڪري سڀڪو انسان جسم آهي).

– **بُرهان لِمي:** ذ. اُهو دليل جنهن مان "علت" (=سبب) کان "معلول" (= اَثر) ڏي وڃجي (۱. زيد جا خلط بانسي آهن. ۲. سڀ ڪنهن بانسي خلطن واري کي تپ ٿيندو آهي. ۳. تنهن ڪري زيد کي تپ ٿيل آهي).

• **بَرْهَروج بَرْهَرا:** ذ. مينهن جي وس جو اَٽل پاڻي. برهه. هوڏ. اَٽل ۽ ليٽ ۽ ڇڙ.

• **بِرْهَسْپَتْ:** ذ. [سن. وِرِ هَسْپَت < وُرْهَس = واڌ. دولت + پَت = مالڪ] ديوتائن جي روحاني اُستاد جو نالو. هڪ گرهه جو نالو ۽ وِسْپَت ۽ مُشتري (ف).

• **بَرْهَڙ:** صفت. [ف] بگڙيل ۽ ڇڙوڇڙ ۽ بي ترتيب ۽ پريشان. ڏمريل ۽ ناراض.

– **بَرْهمي:** ث. گڙبڙ ۽ اُبتري ۽ اِنتشار.

• **بِرْهَمَ:** ذ. [سن. بَرْهَمَ] خدا تعالىٰ ۽ ذات پاڪ مطلق. وياپڪ عالمگير روح.

– **بِرهمانَنْد:** ذ. [برهم + آنند] وياپڪ روح ۾ محويت جي خوشي ۽ ڪمال سعادت.

– **بِرهم گِيان:** ذ. علم اِلاهي.

– **بِرهم گِياني:** ذ. صفت. اِلاهي علم جو ڄاڻندڙ.

– **بِرهم وِدْيا:** ث. ايشور جي سُجاڻپ جو علم ۽ علم معرفت.

• **بِرْهما:** اسم خاص. [سن. بُرْهما] هندن جي "تصورتي" جو پهريون شخص. خالق.

• **بِرهما راتڑي:** ث. روشن ڏڳهي رات.

• **بِرهما ٽَچ:** سَڄ هجن ۽ پينگ هجڻ.

• **بَرَهْماڻي:** اسم خاص. مسلمانن جي مختلف پاڙن جو نالو (اڪثري نوابشاهه. حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾). لغاري قبيلي جو هڪ

پاڙو.

• **برَهمْپُترا:** اسم خاص. "پاڪ ـ پارت" برصغير جي هڪ ندي، جو نالو.

• **برَهمْچاري ج برَهمْچاري:** ذ. [سن. برَهْمچاريه] اُهو برهمڻ جو جنسي پائڻ کان وٺي برَتي (گرهست) تائين ستو جتو رهي ۽ مذهبي تعليم حاصل ڪندو رهي. مذهبي طالب العلم يا شاگرد ـ وديارٿي.

• **برَهمْچَرْيه:** ث. [س. برَهْمَچَريه] مقدّس اپياس. مذهبي شاگرد. برهمڻ جي حياتيءَ جو پهريون آشرم (جنهن ۾ هو ستو جتو گذاري ۽ گُرو، جي صحبت ۾ ويدن جو اپياس ڪندو رهي). عصمت ـ پاڪبازي. زهد ـ رهبانيت.

• **برهمْ دَنْڈي:** ث. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم (گاهه جو هڪ قسم. رنگ سائو ۽ زردي، مائل. سواد ڪڙو).

• **برَهْمَني:** ث. سرڻ جو هڪ قسم (جنهن کي هندو، وشنو، جو پڪي سمجهي گهٽو مان ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پُوجا خاطر هٿ سان ڪاڏو ڪاڻيندا آهن).

• **برَهْمَنْ ج برَهْمَنَ:** ذ. [سن. برَهْمَنْ] ويدن جو اُهو حصو جو "برهمڻ" جي تعليم لاءِ آهي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب (جنهن ۾ ويدن جي رسمن جي تشريح آهي). هندن جي چئن ورنن مان پهرئين ورن وارو (جو هندو عقيدي موجب برهما جي مُک مان پيدا ٿيل آهي). ويدن جو ڄاڻو ـ پنڊت ـ پانڌيو.

– **برَهْمَنْ گهراڻو:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ حڪمران هندو خاندان جو نالو (جو عربن کان اڳ سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. هن گهراڻي جا ٻي حاڪم ٿيا، جيڪي چندر ۽ ڏاهر).

– **برهمڻو:** ذ. صفت برهمڻ جو.

• **برَهْمَ وَرْتَ:** اسم خاص. [سن. برَهْماوَرْتَ] سرسوتي ۽ وِرشوتي ندين جي وچ واري زمين (هلي، جي اُترا اولهه ۾) ـ مڌيه ديش ـ آريه وَرْتَ.

• **برَهْمُو سَماجْ:** اسم خاص. [ه] "برهمو" مت جي جماعت (جا ۱۸۳۰ ع ۾ راجا رام موهن راءِ بنگال ۾ برپا ڪئي ۽ پوءِ سڄي هندستان ۾ پکڙي ويئي). برَهْمَن جو مندر.

• **برَهْمي:** ث. [سن. برَهْمي] هوتي، جو هڪ قسم (جنهن جو تيل دوا طور ڪم اچي).

• **برَهْنگي:** ث. [ف] اوگهڙ ـ عُرياني.

• **برَهْنه:** ذ. صفت. [ف] اگهاڙو ـ ننگو ـ عُريان.

• **بَرَهو:** ذ. [سن. پُرواهَ] پاڻي، جي سانڌ. وهُ ـ برهَ. ٻوڙ ـ سيلابُ.

• **برْهو:** صفت. دوست يا محبوب ڪان وڇڙيل.

• **برْهي ج برْهي:** ذ. صفت. [سن. وِرهَ = جدائي] جدا ٿيل ـ وڇڙيل.

وڇوڙي جي درد جو ماريل. برهه وارو ـ محبت جي درد وارو.

• **برَه (ڪ):** ث. ماڻهوءَ ڪان ٿهندڙ پڪري.

• **برَي ج برَي:** ذ. صفت. [ع. برئ] بيگناهه ـ بي قصور. بيزار.

– **برَي الذّمّه:** صفت. جوابدارين، کان آزاد.

– **برَي ٿيڻ:** آزاد ٿيڻ ـ ڇٽڻ (الزام کان).

– **برَي ڪرڻ:** آزاد ڪرڻ ـ ڇڏڻ ـ بند خلاص ڪرڻ.

• **برّي ج برّيَ:** صفت. [ع] بريت جو ـ بياباني ـ صحرائي. خشڪيءَ جو. بيابان ۾ رهندڙ. ميڙي، جهڙو ـ ميڙي، هاڻو (شاهه). "بَحْري" جو ضد.

• **برَي ج برَيون:** ث. زناني چولي ۾ چاڙي، وٽ ٿهيل ڪپڙو. ڪُڇي، کان چاڙي، تائين چولي يا قميص جي پٽي (جنهن ۾ بٽڻ پوندا آهن). هنڌاڻ ۽ گدرن وغيره جي نالين ۾ ٻيجي طور هنيل ڇڇن جي ڇُنگي. [فـ برَد = هرڻ] نندرن لاءِ وارن سان هڪ قسم جي پڪري (جا اڪثر يڪ رنگي ٿئي ۽ قدري هرڻ سان مشابهت رکندي آهي. "برّي" پڪري، جا قسم: ڪينئي برّي، ڏوڙاڪي برّي، وانگائي برّي، ڪاري برّي، ڪاڙهي برّي، پوري برّي، جهڙي برّي، ٻگي برّي، هيڏي برّي، ڪُڇري برّي، ٽاپري برّي، بادامي برّي، چيني برّي).

• **برّي (ٽ):** ث. شاديءَ جي هڪ رسم.

• **برِي (ڪ):** ظرف. ٿُهي ٿُڪي ٿهڪي ٿهڪي ايندڙ. هوبهو ـ نس پس. هڪ جهڙو ـ مشابهت رکندڙ.

• **بُري ج بُرْيُون:** ث. صفت. نِڇڙي ـ خراب ـ بَد ـ گندي. نِڪمي ـ بيڪار.

• **بُڑْيانڊ:** ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي "تخت" جي قرهين کي جهلي ٻيهندڙ.

• **بِرْيان:** صفت. [ف] ڳُڙ. ڳڙ ـ باهه تي سيڪيل. سڙيل ـ جَليل. (ڏ) ڪل گوشت "هوءِ ۽ گڏجي هوءِ ٿيا، بابُو سي بريان" (شاهه).

• **بِرياني:** ث. [ف] گهٽي گوشت ۽ گيهه وارو زعفراني پلاءُ.

• **بَرِيّت:** ث. [ع] چوٽڪارو ـ نجات ـ آزادي ـ رهائي. بيگناهي ـ عصمت.

• **بَريدْ ج بَريدَ:** ذ. [ف] قاصد ـ تيالي ـ پيغام رسائيندڙ.

• **بُريدْ:** ث. [فـ بُريدن = ڪٽڻ] چانگ ـ ڪاٽ ڪرڻ ـ وڍڻ.

• **بُريدَهْ:** ذ. صفت. [ف] رويل ـ ڪپيل.

– **بُريده دُم:** ذ. صفت. ڇڄ رويل ـ لُڏو.

– **بُريده زبان:** ذ. صفت. زبان رويل ـ خاموش.

• **بَريدي:** اسم خاص. [ف. بَريده = سوڙهو لڪ. پتڙ] پب جبل جي هڪ لڪ جو نالو (جنهن جو نظارو نهايت ئي وڻندڙ آهي).

• **بِريز بِريز:** ٿ [ف] اجائي تکڙ ـ اُبهرائي ـ جلدائي ـ شتابي. هاءِ گهوڙا ـ واويلا هُل پيڪڙي. مدد لاءِ پڪار.

– **بريز بريز ڪرڻ، لائڻ:** اجائي تکڙ ڪرڻ يا لائڻ ـ هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

• **بِريس** ج بريس: ذ. [انگ. bracelet] ڪرائيءِ ۾ پائڻ جو ڪنگڻ.

• **بِريشَر:** ذ. [ف. بُريشَر، اُبْريشَمْ] پَٽ ـ ريشم.

• **بِريڪ، بِريڪ** (ذ) ج بِريڪون، بِريڪ: ث. [انگ. brake] روڪ ـ جهلَ ـ اَٽڪاءُ موٽر وغيره کي جهلڻ جو اوزار.

• **بَريلي:** ٿ [سن. وٰ + لِي] به قيٽي گهوڙي گاڏي ـ تانگو. (اسم خاص) هندستان جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

• **بَرين:** صفت. [ف. بَر جو مبالغو] سڀ کان مٿانهون ـ بلند ـ اعليٰ.

(حرف جر). [ف. بَر + اين] هن تي ـ اِنهيءَ تي.

• **بَريه:** ٿ. [ع] مخلوقات.

• **بَرْ** ج بَرّ: ذ. [سن. وٰتْ] هڪ مشهور وڻ (جنهن جي هندو پوڄا ڪندا آهن).

• **بَرِ، بَرْهه:** ٿ. [هـ. بَرّائي] اجائي وڌائي ـ تيگر. اجائي ٻڪ.

• **بَرْبول:** ذ. صفت. وڏ واتو ـ گوڙيلو ـ گهٽو ڳالهائيندڙ.

– **بَرْبَڪو:** محاورو. موگو مٽر ـ ڪند ڏهن.

– **بَرْبيتو:** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو ـ پيٽي ـ هيجي.

– **بَرْتَارْ:** ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ. ڪوڙا الزام هڻڻ. گهٽو ۽ اڌنگو خرچ ڪرڻ.

• **بَرْاَش** (ت)، (ل): ث. ٻُٽاڪ ـ ڏاڙ ـ لَٻاڙ.

• **بَرْائي:** ٿ. [هـ. بَرّائي] وڌائي ـ آکڙ ـ سيٽ.

• **بَرْبانْدُ:** صفت. پرڀانگ ـ غيرآباد ـ سُڃو.

• **بَرْ بَرْ:** ٿ. [پرا. بَدَ بَدَ: سن. وَرْوَرْتا] اجايو ڳالهائڻ ـ بَڪ بَڪ ـ يڪي جين ۾ ڳالهائه ـ پَٽ پَٽ. گهٽو آواز ـ لڙ ـ گوڙ. ٻُٽاڪ ـ ڏاڙ.

– **بَرْبَراڪي:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ بکواسي. ٻُٽاڪي.

– **بَرْبَرْ ڪرڻ:** بکواس ڪرڻ. اَجايو ۽ گهٽو ڳالهائڻ. گوڙ ڪرڻ.

– **بَرْ بَرْبير** ج **بَرْبَرْيا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ زبان دراز ـ وڏ واتو. ٻُٽاڪي ـ لٻاڙي.

• **بَرْبُڙ بَرْ بَرْ:** ٿ. [سن. بَدْبَدْ = بوڑبو] پائيءِ جي بوڑبن ڦاٽڻ جو آواز. حُقي يا چلم جو آواز. جين ۾ ڳالهائه ـ پٽ پٽ.

– **بَرْبُرو** ج **بَرْبُرا:** ذ. [سن. بَدْبَدَ] بوڑبو ـ قوتو (پاڻيءِ جو) ـ حَبابَ.

• **بَرْبَنْدَ** ج **بَرْبَنْدَ:** ذ. صفت. ٿلهو متارو (ماڻهو) ـ مضبوط. تندرست.

– **بَرْبَنْد ٽيڻ:** بَٽ ۾ وڻڻ ـ ٿلهو متارو ٽيڻ.

• **بَرْبَلْ** ج **بَرْبَلْ** (ت): ذ. صفت. ڏهرو ـ هيٺو ـ ٽڪل.

– **بَرْبَلو** ج **بَرْبَلا:** ذ. صفت. ڏمو "بَرْبَلْ".

• **بَرْبَلو** ج **بَرْبَلا** (ل، ٽ): ذ. ٻڪرين يا رڍن جي ڦرن لاءِ تارين ۽ گاهه مان ٺهيل واڙو. برٿو.

• **بَرْبَڙ** ج **بَرْبَڙا:** ذ. نيرو پالو.

• **بَرْبَڙي** ج **بَرْبَڙِيُون:** ٿ. [ف. بُرْجي] بشڇي ـ پالو. لوهه جي جهنبدار لنڊ.

• **بَرْبَڙي، بَرْشي** ج **بَرْبَڙيون، بَرْشيون** (ت): ث. (ڪجيءَ جو اصطلاح) ڪجيءَ جي چڙهيءِ.

• **بَرْبُڊ:** ذ. [ف. بُرد] آمدني ـ حاصلات. نفعو رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڏر جي 'بادشاهه' جي اڪيلي رهجي وڃڻ واري حالت ـ بَرد. سمند جي پاڻي ماپڻ جو اوزار. ڪاري جي رڄ جو هڪ حصو (هڪ گهرو پٿر جو ٻن "ڪنڊن" جي ملڻ واري جاءِ تي "هيناڙ" سان ٻڌيو آهي). تمام جهوني شيءِ (ڪ). (صفت) ناس ٽيل.

– **بُرْد ڪرڻ:** ڏوري وجهي پاڻيءِ جي اونهائي ڏسڻ ـ وٿاڻڻ.

• **بَرْدانو** ج **بَرْدانا:** ذ. [هـ. بَرْ، بَلْ = زنانو مخصوص عضو، بول + دان] بول ـ شيردان.

– **بَرْدانا ڪيڻ:** بول ڪيڻ ـ جيرڻ ڦاڙڻ. ذرا ذرا ڪرڻ ـ جيهاڙيون ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.

• **بَرْدي:** اسم خاص بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَرْڊيرو:** صفت. [سن. وَرْ (= وڏو)؛ وَڊ + ڊيرو] تمام وڏو. تمام گهٽو ـ بي انداز.

• **بَرْڪ** ج **بَرّڪ** (ڪ): ذ. ڪانگهارو.

• **بَرْڪائڻ:** مصدر. بيجا گفتگو ڪرڻ ـ بکواس ڪرڻ. (بَرْڪايو ـ بَرْڪائيندو ـ بَرْڪايل).

• **بَرْڪَڻ** ج **بَرْڪَڻ** (ت): ذ. صفت. هلڪڙو. سُستو.

• **بَرْڪَڻ:** مصدر. اَڏامڻ ـ لِٽڻ (رنگ) ـ اُباتجڻ (رنگ). (بَرْڪيو ـ بَرْڪندو ـ بَرْڪيل).

• **بَرْڪَڻ:** مصدر. بُرْ بُرْ ڪرڻ. اُپامڻ ـ بَرْڪڻ. حقي يا چلم مان آواز ڪڍڻ. پَڪڻ ـ پَٽ پَٽ ڪرڻ (چين ۾). پٽ واري اُلٽي اچڻ (ڪ). بُوڻ، سان پرجڻ ۽ وهڻ (ڦت. ڦُرڙي). (بَرْڪيو ـ بَرْڪندو ـ بَرْڪيل).

– **بَرْڪ، بُرْڪ:** ث. ذ. پاڻيءِ ۾ ٻڌڻ يا ڪرڻ جو آواز. ڪُڪڙ جي وٽ لاهڻ جو آواز ـ پَڪ. حقي جو آواز ـ ڏُرڪو. گهوڙي جي پير ٻوڙ

پائيءِ مان گاهه کي چنڻ واري حالت.

– **بڑکائڻ**: مصدر. "بڑکڻ" مان متعدي بالواسطه. بڑ بڑ ڪرائڻ.

– **بڑ بڑ ڪڻ** ج **بڑکڻا**: ذ. صفت. آواز ڪندڙ ـ بڑ بڑ ڪندڙ. چپن ۾ پٽ پٽ ڪندڙ.

– **بڑکو** ج **بڑکا**: ذ. حقي يا چلم جو آواز. جرڪوتي جي ڦاٽڻ جو آواز. وچ ۾ تپ ڏيئي ڳالهائڻ جي حرڪت. پائيءِ ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز. اوچتو تپ ـ بڑڏڪ

– **بڑکو ٻرڻ**: وزم هڻڻ ـ ڦوڪ ٻرڻ (چلم يا حقي مان).

– **بڑکو ڪائڻ**: پڑڪو ڏيئي اوچتو ظاهر ٿيڻ. وچ ۾ ڳالهائڻ.

• **بڑگ** ج **بڑگ** (ل): ذ. ڪانگهارو.

• **بڑنگ** ج **بڑنگ**: ذ. صفت. تمام وڏو ـ زبردست ـ گڙنگ.

• **بڑو** ج **بڑا** (ث): ذ. جيت جو هڪ قسم (جو برسات جي موسم ۾ ڏورن کي ڇڪ هٽي بيمار ڪري).

• **بڑواري**: اسم خاص. تعلقي ڏڳڙيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بڑونگي** ج **بڑونگيون** (ڪ): ث. جيت جو هڪ قسم (جو گرم ڪپڑا ٺڪي) ـ ڏٽو.

• **بڑهه** (ل): ث. ڏڏڙ ـ ڏسڙ.

• **بڑهاڙ** ج **بڑهاڙ** (ل): ذ. باهه ٻرڻ جو آواز. وڏو آواز.

• **بڑيڪ**: ث. ٽيڪ ـ دست.

– **بڑيڪ هڻڻ**: ٽيڪ هڻڻ.

• **بڙ** ج **بڙ** (ڪ): ذ. صفت. آڏاڻو. ڏُلهو. گهاٽو. بوجهرو.

• **بڙ**: ث. [ف] ٻڪري.

– **بڙ آڇڻ**: ذ. 'آڇڻ' جو ٻڪرَ (آڇڻ' نالي هڪ مشهور عرب نحوي هو جنهن هڪ ٻڪر پاليو هو. جنهن کي پنهنجو سبق پڙهائيندو هو. ۽ جيستائين اُهو ٻڪر ڪنڊ نه ڏوڙيندو هو تيستائين ـ پير پڙهائيندو هئس). (مجازاً) احمق ـ نادان.

• **بڙدار**: ذ. ٻڪرين وارو. ٻڪرار. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

– **بڙدلي**: ث. صفت. ٻڪريءِ جي دل وارو. ڊڄڻو ـ گيدي.

– **بڙدلي**: ث. ڪائرپڻو ـ گيدپڻو ـ ڪم همتي.

– **بڙغالو**: ذ. ڇيلو.

– **بڙڪوهي**: ث. جابلو ٻڪري ـ جهنگلي ٻڪري.

• **بڙ بوڙ** ج **بڙ بوڙ**: ذ. صفت. بيوقوف ـ احمق. جاهل ـ جٽ.

– **بڙائي**: ث. ڇريائي ـ بيوقوفي ـ پوڪيائي.

• **بڙار** ج **بڙارون**، **بڙاريون**: ث. [فـ. بازار] ڏسو "بازار". مارڪيٽ.

• **بڙاڙ** ج **بڙاڙ**: ذ. صفت. [ع. بزّ = عمدو ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري ـ ڪاپڙي ـ بجاجي. قيمتي ڪپڙي وڪڻندڙ.

– **بڙازي** ج **بڙازي**: ذ. صفت. ڏسو "بزاز". ڪاپڙي ـ بجاجي.

• **بڙڙخمهڙ**: اسم خاص. [فـ. بزرگ = وڏو + مهر = سج] نوشيروان بادشاهه جي وڏي وزير جو نالو (جو تمام ڏاهو هو).

• **بڙڙگ** ج **بڙڙگ**: ذ. صفت. [ف] وڏو ـ بلند ـ عظيم. وڏيءِ عمر وارو. پريو مڙس. شريف ـ عزت مند ـ معزز. وڏو عالم يا پڙهيل.

– **بڙرگانه**: صفت. بزرگيءِ وارو. بزرگ جي لائق.

– **بڙرگ دل**: ذ. صفت. وڏيءِ دل وارو.

– **بڙرگ زادو**: ذ. صفت. شريف زادو. عالي خاندان جو.

– **بڙرگ سال**: ذ. صفت. وڏيءِ عمر وارو.

– **بڙڙگوار** ج **بڙڙگوار**: ذ. صفت. وڏو ـ بلند ـ عظيم. عاليشان. شريف. بزرگ. عزت وارو. خدا وارو ـ نيڪ.

– **بڙڙگوارانه**: صفت. بزرگيءِ جي لائق. شريف.

– **بڙرگ همّت**: ذ. صفت. وڏيءِ همّت وارو. حوصلي.

– **بڙرگي** ج **بڙرگيون**: ث. وڏائي. بلندي. عظمت. وڏ ماڻهپي. شرافت. مانَ ـ عزت. موسيقيءِ جي بارهن مقامن مان هڪ مقام.

• **بڙگر**: اسم خاص. [فـ. بزرگر (= ڪاشتڪار. هاري) > بزگر] هڪ ذات جو نالو.

• **بڙگير** ج **بڙگير**: ذ. [فـ. بزرگر = هاري] ڪمي ـ پورهيت. نوڪر.

– **بڙگيري** ج **بڙگيريون**: ث. نوڪري ـ خدمت ـ محنت ـ مزدوري.

• **بڙم**: ث. [ف] محفل ـ مجلس ـ سميلن ـ چوپاري.

– **بڙم آرا**: ذ. صفت. محفل سينگاريندڙ ـ ڪجهريءِ جو سينگار. محفل جو مور. محفل جو صدر نشين.

– **بڙم ادب**: ث. علم ادب جي محفل. ادبي جماعت.

– **بڙم افزا**: صفت. مجلس جي خوشي وڌائيندڙ.

– **بڙم سخن**: ذ. مشاعرو.

– **بڙمگاه**: ث. محفل جي جاءِ.

• **بڙن**: امر. [فـ. زدن > زن = هڻ] هڻ ـ مار ـ قتل ڪر.

• **بڙنجو**: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بڙو** ج **بڙا** (ث): ذ. آبي پکيءِ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو. اچوءِ ننڍو پکي).

• **بس**: ث. [ف] مات ـ چپ ـ خاموشي ـ سانت "ڪانهي بس بهير کي، هلجل بي پيٽي" (شاهه). آرام. بندش ـ روڪ ـ جهل. خاتمو ـ پڄاڻي ـ انتها. ڇيڙو ـ دنگ. (ظرف) ڇت ـ ناس ـ ختم. ڪافي ـ گهربل انداز جيترو. فقط. گهٽو ئي. (حرف استعجاب) ايترو ئي! ـ

فقط ايترو ـ رڳو اهو (امر جي معنيٰ ۾) بند ڪر! ـ بيهه ترسِ ـ ٺهيو! خاموش! ـ مات!.

– بَس ٹیڑ: ختم ٽيڙ ـ پورو ٽين.

– بَس ٹي وڃڻ: ختم ٽي وڃڻ. جت ٽي وڃڻ. ڏبرو ٽي وڃڻ (بدن ۾)، بي طاقت ٽيڻ، چپ ٽي وڃڻ ـ مات ٽي وڃڻ.

– بَس ڪرائڻ: مات ڪرائڻ ـ چپ ڪرائڻ.

– بَس ڪرڻ: بچاڻي ڪرڻ ـ بيهڻ، توبهه ڪرڻ.

• بَس ج بَسُوں، بَسیُوں: ث. [انگ. bus] مسافرن جي سَواري، جي موٽر بس ـ لاري.

• بَسْ: ذ. [سن. وَرْش = وسڪارو] گارين جو ڏوڙيو يا وسڪارو. [سن. وَشْيه] وس ـ طاقت ـ زور ـ اختياري. جادو ـ علاج.

• بَس (ل): ث. مٽي ـ ڏوڙ ـ ٻَسڙ.

• بَسَ ج بَس: ذ. [سن. بَش] ٻوسو (ت). گند ـ ڪچرو (ل). (صفت) [سن. وَرَس] ڏڻ وارو ـ اوسنو ـ بانسي. آلوڻو ـ بيسواد ـ ڦڪو. (ظرف) سئون سڌو ـ صفا صاف (ت).

• بَسا: ظرف. [ف] گهڻو، گهڻا، گهڻو ڪري ـ عموماً.

– بَسا اَوقات: ظرف. گهڻو ڪري.

• بِساتْ ج بِساتُوْن: ث. [ه. بِسات: سن. وِسْتَر = بسترو: ع. بِساط] بستر ـ پٿراڻي، غاليچو، گلم، سامان سڙو، جائداد، هُوند.

– بِساتي: ذ. صفت. گهوڙيو.

• بِساطْ ج بِساطْ: ذ. [ع] وڇائڻ جو ڪپڙو ٽيڙ، بسترو ـ پٿرٽي، گلم ـ غاليچو، چوڙ يا شطرنج راند جو ڪپڙو (جنهن ۾ خانا ٺهيل هوندا آهن) تجارت جو مال، سامان سڙو.

• بِساطي ج بِساطي: ذ. صت. خرده فروش، راندين کا وکندڙ، گهوڙيو.

• بَساطَتْ: ث. [ع. بَساطة] رواني، سادگي.

• بِسالْ: صفت. [سن. وِشال] وڏو ـ ڪشادو، ويڪرو، اڳرو ـ برڪ.

• بَسالَتْ: ث. [ع] بهادري ـ پهلواني ـ شجاعت.

• بِسانْ: حرف جر. [ف] مثل ـ وانگر ـ طرح.

• بِسَبَبْ: ظرف. [ف. بِ + ع. سَبَبْ] سبب ڪري ـ ڪنهن ڪارڻ.

• بَسَتْ: ذ. [ف. بَسْتَن = ٻڌڻ > ماضي. بَسْتْ = هن ٻڌو] عاشق يا معشوق (جنهن سان دل ٻڌجي). ٻڌڪو ـ دستار، ڳنڍ، درگاهه، پناهه گاهه، ڪنڊي، عالم پناهه، جبل، پاڻي، جي ورج (واهن، ڪاهين، وغيره ۾).

– بَست و بَنْد: ز. بندوبست، سامان ٻڌڻ ۽ سنڀال.

– بَست و كُشاد: ذ. پڄ گهڙ، ٻڌ ڇوڙ، واهه ناهه.

• بَسْتْ ج بَسْتَ: ذ. [سن. وَسْتُ = وسڻو] وٽ ـ شيءِ سامان سڙو ـ وسلو واڙي.

• بِسْتْ: ذ. [ف. بهشت] "بهشت" جو عام اُچار، جنت ـ سرگ.

– بِسْتي ج بِسْتِي: ذ. صفت. بهشتي، بحالي.

• بِسْتارْ: ذ. ڏسو "وِسْتار". تفصيل.

• بَسْتاسُرخي: ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پساريڪو رڪر ـ هيرا دكني ـ ذَمُ الأخَوين (ع) ـ خُونِ سياوشان (ف).

• بُسْتانْ ج بُسْتان: ذ. [ف] باغ ـ جمن ـ ڦلواڙي.

– بُستانِ سَرا: ث. باغ واري جاءِ (بنگلو).

– بُستاني ج بُستاني: ذ. باغباني ـ مالهي.

• بِسْتَرْ ج بِسْتَرْ: ذ. [ف. بِسْتَر: سن. وِسْتَر = هنڌ] بستر ـ هنڌ.

– بِستر اَهنگ: ذ. ٻوڙ ـ لحاف.

– بِسترنشين: ذ. صفت. بستري داخل.

• بِسْتَرو ج بِسْتَرا: ذ. [ف. بِسْتَر: سن. وِسْتَر] هنڌ ـ وڇاڻو ـ بستر.

– بِسترو گول ڪرڻ: هنڌ ٽيڙ ويڙهڻ، لڏڻ ـ جاءِ ڇڏڻ.

– بِستري داخل: ذ. صفت. مريض (جو گهمي ڦري نه سگهي).

– بِستري داخل ٹيڻ: سخت بيمار ٽيڻ ـ گهڻو بيمار ٽيڻ.

• بَسْتَگي: ث. [ف] لاڳاپو ـ تعلق. امساڪ ڪاڍ رقم (پل وغيره) مقرر ڪري حساب ۾ آڻڻ جي حالت.

• بَسْتَه: صفت. [ف] قابو ٽيل ـ جڪڙيل، ٻڌڻ جوڳو ـ ٻڌل، جميل ـ جاول، جادوءِ ۾ ورتل. (ذ) جَزدان، ڪُٹڙي ـ بغچو.

– بَسته رَحِمْ: ث. اُها عورت جنهن کي اولاد نه ٿئي ـ شَڊ ـ عقيم ـ بغل ٽيلهر.

• بَسْتو ج بَسْتا: ذ. [ف. بَسته] اهو ڪپڙو جنهن ۾ ڪا هڏ ٻڌجي.

• بَسْتي ج بَسْتِيَوْن: ث. [سن. وَسَتِ، وَسَتي < وَسْ = رهڻ] آبادي ـ وسندي ـ وسنهڻ، واهڻ ـ ڳوٺڙو، آبادي.

• بُسِجَھْ: فعل مجهول. [سن. وِرَس] پاروٽو ٽيڻ. بانسي ٽيڻ. خراب ٽيڻ. اوسنو ٽيڻ ـ سيناوارجن. (سير ـ بسير ـ بَسيل).

• بُسَدْ: ظرف. [ف. به + سَرْ = مٿو] مٿي ٽائين ـ آخر ٽائين. مٿي تي سر تي، مٿي سائ.

– بَسَر كرڻ: ترسر ڪرڻ. پورو ڪرڻ (وقت). پڄاڻي ڪرڻ. گذارڻ ـ گهارڻ، نباهڻ.

– بَسَر هِجڻ: ترسر ڪرڻ ـ خوشيءِ سان قبول ڪرڻ.

– بَسَر و چَشْم: محاورو. مٿي ۽ اکين تي، خوشيءِ سان.

• بِسْراتْ ج بِسْراتُوْن: ث. [ع. بِشارت > بِسْرات] خوشخبري.

خوشي. موڙي ـ دولت ـ پرنجي "سيس اتاري پئي ڏرون. ميري به بسرات" (رسالو: بيراڳ هندي).

• **بِسْرام**: ذ. ڏسو "وِسرام".

• **بِسْري ج بَسْرِيُون**: ث. ڪَنڙ واري ماني ـ ڳَرهاڙي.

• **بُسريون**: ث. ڳڙ جي تهه ۽ گيهه سان پچايل ڪڻڪ جون مانيون. ڳرهاڙيون. شاديءَ جي رسم جنهن ۾ بسريون ڪارائجن.

• **بِسْرِيڪو ج بِسْرِيڪا (ث)**: ذ. وهر ـ ڪُمان. پرمر.

• **بَسَڙ، بُسَڙ**: ث. ث. [سن. بُشْ > بُس + ڙ] ڏَڏڙ ـ ڊسڙ ـ ڏوڙ.

– **بُسڙ ۾ پير هڻڻ**: سڏي جواب ڏيڻ کان نٽائڻ ـ ڪُس ڪَساءُ ڪرڻ. نٽائڻ. اُلهي وڃڻ.

• **بَسْط**: ذ. [ع] ڪشادگي ـ فراخي ـ وسعت. وضاحت ـ چٽائي ـ تفصيل.

• **بِسْطام**: اسم خاص. خراسان جو هڪ مشهور شهر.

– **بِسْطامي**: صفت. "بسطام" شهر جو (رهاڪو). (اسم خاص) "بايزيد بسطامي" جو هڪ وڏو "اَفْلَ الله هو. جو وجد ۾ "سُبحاني ماعظم شاني" (پاڪائي آهي مون کي. ڪيڏو نه وڏو منهنجو شان آهي!) چوندو هو "سِرِّ سبحاني سلائي. شاهه بسطامي جئين" (گل).

• **بِسْڪائِچ**: ذ. [ف] دوا طور ڪم ايندڙ بوتيءَ جو هڪ قسم.

• **بِسْڪوٽ، بِسْڪيٽ، ج بِسْڪُوٽ، بِسْڪيٽ**: ذ. [انگ. biscuit] اُتي يا ميدي ۽ سٽي وغيره مان پڪل مِٺي يا ڪاري ٽِڪي "مِٺا بسڪيٽ، ڪارا بسڪيٽ".

• **بِسْم**: ڪلمو. [ع. بِاسْمِ = اسم سان] "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ" جو شروعاتي لفظ ـ (الله جي) نالي سان.

– **بِسْمِ الله**: ڪلمو. [ع] "بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ" جا پهريان لفظ ـ "الله جي نالي سان". قرآن مجيد جي هر سورة جي اڳيان ايندڙ ڪلمو. (ث) شروعات ـ ابتدا. آدرياءِ جو جملو بمعني "پلي آئين. مرحبا!". مڪتب ۾ پار ڪي ويهارڻ جي رسم. ("اسم الفعل" امر جي معنيٰ ۾) شروع ڪر. (ظرف) هائو ـ ڇڪو ـ پلي.

– **بِسْمِ الله بَرْغَلْط**: محاورو. مند ۾ ٿي غلط. شروع کان ئي اَبتڙ. پهريون ئي ڪم خراب.

– **بِسمِ الله ڪرڻ**: شروع ڪرڻ.

• **بِسْمِلْ**: صفت. [ف. بِسْمِلْ < ع. "بِسمِ اللهِ" جو مخفف] ڪُنل ـ ذبح ڪيل (جاڪاڻ ته جانور يا پکيءَ کي حلال ڪرڻ وقت "بِسمِ اللهِ اَللهُ اَكبر" چئبو آهي). گهايل ـ قتيل ـ واڌوڙيل. عاشق. (اسم خاص) شاعر حافظ عبدالله ڏکڻائي جو تخلص.

– **بِسْمِلِ گاهه**: ث. ڪوس خانو.

• **بِسْمِي**: ث. [سن. بِسْمَن] رڪ ـ ڪيري ـ جار.

• **بَسَنْت، بَسنت**: ث. ذ. [سن. وَسَنْتَ] بهار جي مند (جا چيت ۽ ويساک جي مهينن ۾ ٿيندي آهي) ـ گلابي رَت. سَرهڻ جا گل (جي بهار ۾ ڦولارجن). "هنڊول" راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

– **بَسَنْت پَنْجمي**: ذ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جو مانگهه مهيني جي پنجين تاريخ تي ملهائين).

– **بَسَنْتِي ج بَسَنْتِي**: صفت. بسنت جو ـ بهار جو. بهار جي موسم جو. زردو ـ هيڏو. (ذ) هيڏو رنگ. زرد پوشاڪ.

• **بَسَنْدَ**: ذ. ڏسو "بَسنت".

• **بِسْنِي ج بِسْنِي**: ذ. [سن. وِيَسَنْ (= مصيبت. بچڑائي. گناهه. پاپ. بدڪاري) > وِيَسَنِي = بدڪار. زاني] بدڪار ـ بچڑو. بِسْني ـ ڪُنديچوڙ.

• **بُسْنُ (ث)**: مصد. [سن. پِشْ. بَشْنَ] پونڪڻ. (بُسيو ـ بُسندو ـ بَسيل).

• **بَسو ج بُسا**: ذ. [سن. بَس] چانورن. ڄڻن. وغيره. اناج جون ڪلون. بُوسو.

• **بِسْواس**: ذ. [سن. وِشْواس] اعتبار ـ پروسو.

– **بِسْواس گهاتي**: ذ. صفت. دغاباز ـ بيوفا.

• **بِسْوارو ج بِسْوارا (ث)**: ذ. حساب.

• **بِسوڪَڻُ (ث)**: مصدر. وهڪي وڃڻ ـ چوپائيءَ جو ڪير ڏيڻ بند ڪرڻ. (بِسُوڪيو ـ بِسُوڪندو ـ بِسوڪيل).

• **بِسوئو ج بِسُوئا (ث)**: ذ. آڪڙ.

• **بِسُوي**: صفت. [سن. وِشْوَ = دنيا] دنيوي.

• **بَسي**: ظرف. [ف] گهڻو يا ڪافي وقت.

• **بَسِي ج بَسِيُون**: ث. چينيءَ جي رڪيبي ـ سائر. (اسم خاص) تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِسْيار**: صفت. [ف] گهڻو ـ زياده ـ ٿَڻو ـ جهجهو.

– **بِسياري**: ث. گهڻائي ـ جهجهائي ـ ڪثرت "بِسياري خُواري".

• **بَسيرو ج بَسيرا**: ذ. [سن. واس < وَسْ = رهڻ] سڄ لٿي کان اڳيرو پڪين جو واهيري ڏانهن موٽڻ ـ واهيرو ـ آهيرو. آڪيرو. آشيانو. ٿوري وقت لاءِ رهڻ جي جاءِ ـ ڊاهو. رات جي آرام ڪرڻ جي جاءِ.

• **بَسِيط**: ذ. صفت. [ع] ڪشادو ـ ويڪرو ـ وسيع ـ فراخ. وڇايل ـ پٽريل. مٿاڇرو ـ سنوٽ. (حڪمت جي اصطلاح ۾) غير مرڪب ـ سادو ـ خالص. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ بحر جو نالو.

• **بَسِيرْ:** ذ. صفت. [ع] مُركندڙ ـ كلندڙ ـ مُشكندڙ.
• **بَسِيهَرْ ج بَسِيهَرَ:** ذ. [سن. وِش = زهر + هَرَ = كڍندڙ] زهري نانگ ـ وَسِيهَرَ. واسينگ يا كاربهر نانگ.
• **بَسْ ج بَسَّ:** ذ. صفت. صفا چريو ـ چَريٽ. بوز ـ جَٽ.
• **بَشاتَ ج بَشاتُونْ:** ث. [ع. "بِشارَتَ" جو مخرب] خوشخبري ـ بِشارت. وسعت ـ كشادگي. دولت.
• **بِشارَتَ ج بِشارَتُونْ:** ث. [ع] خوشخبري ـ مبارڪ. چگو خواب ـ رُويا. مُوڙي ـ پُونجي. ذخيرو "شِير ڏائي شيءَ ڪريو. جيڪا بشارت منجهه بَنِن" (رمضان ڪنهر).
ـ **بِشارت جو بَهرو مِلڻ:** واڌايون ملڻ ـ مبارڪون ملڻ. خوشخبري ملڻ.
• **بَشّاشْ ج بَشّاشَ:** ذ. صفت. [ع] خوش ـ سرهو. ڪلمڪ ـ زنده دل.
ـ **بَشاشت:** ث. خوشي ـ سرهائي. خوش طبعي.
• **بِشْتَ ج بِشْتَهْ:** ذ. [ف. "بهشت" > بِشْتَ] بهشت ـ جنّت.
ـ **بِشتي ج بِشْتِي:** ذ. صفت. بهشتي. پاڻي پيندڙ ـ بخالي.
• **بِشْپَ ج بِشْپَ:** ذ. [انگ. bishop] گرجا جو وڏو پادري.
• **بَشَرْ ج بَشَرَ:** ذ. [ع] انسان ـ آدمي. ماڻهو ـ مَنَش.
ـ **بَشري:** ذ. صفت. انساني.
ـ **بَشَرِيّتَ:** ث. آدميّت ـ انسانيت ـ ماڻهو.
ـ **بَشَري جامو:** ذ. انساني صورت.
• **بِشْرائِنْ:** مصدر. [ع. بَصَرَ يُبْصُر = نهارڻ] نهاري نه سگهڻ. تر وِرائڻ (اڪيون). حيران ڪرڻ. (بِشرايو ـ بِشرائيندو ـ بِشرايل).
• **بُشْرِيٰ:** ث. [ع] خوشخبري ـ بشارت "بخرو لَهُمُ الْبُشْرِيٰ جو. اُنهين لاءِ آيو" (شاهه).
• **بَشَرَهْ:** ذ. [ع] باهرين چمڙي. مهانڊو رنگ.
• **بَشَرْطِيڪ:** ظرف. [بـ + شرطيه + ڪ] انهيءَ شرط سان ته.
• **بَشْڪ:** ث. [ف] پيشانيءَ جي وارن جي جڳ ـ مُجو يا ٻُج.
• **بَشْكالْ:** ذ. [هـ. بَرْشكالْ (سن. وَرْشَ = بارش + كالْ = وقت) = برسات جي موسم] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.
• **بَشْڪُنْ:** مصدر. [ف. بخشيدن > بَخشَ > بَشْكَنْ] بخشڻ ـ معاف ڪرڻ (ڏوهه. قرض). بخشش طور ڪا ملڪيت (مال. زمين. وغيره) ڏيڻ. (اسر خاص) ماڻهوءِ جو نالو ("بخشڻ" جو عامي اُچار). (بَشكيو ـ بَشكيندو ـ بَشكيل).
ـ **بَشْڪائِنْ:** مصدر. "بَشكڻ" مان متعدي بلواسطه. بخشائڻ.
• **بَشْكو ج بُشْكا:** ذ. [ترڪي: ف. "بُغْجَه" جو بگڙيل اُچار] بجڪو. گوٽرو ـ بغجو.
• **بَشْكُونْ:** ث. [بَشْكَ ج بَشْكُونْ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهوڙي جي ڪنڌ جا وار.
• **بِشْني ج بِشْني:** ذ. [سن. وَيسَني = بدڪار. جواري. شرابي. رنديباز. زاني] ڪُنديچوڙ ـ لليچو.
• **بِشي:** ث. ذ. [سن. وِشَيه] ڪاب شيءِ جا حواس سان سمجهي سگهجي ـ وِشَيءَ. دنيوي وَٽ. عنوان ـ موضوع ـ مضمون.
• **بِشي ج بِشيُونْ (ڪ):** ث. هار. هار جو تولو.
• **بَشِيرْ:** ذ. صفت. [ع] بشارت ڏيندڙ ـ خوشخبري ڏيندڙ. (اسر خاص) حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.
• **بَشِينْ. بِشِينْ ج بَشِينْ:** ذ. [ف] شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم (اڪيون پيليون ٽينس). باشو (مادي) جوتَرَ.
Sparrow hawk (Accipitev nisus).
• **بَشِيهَرْ ج بَشِيهَرَ:** ذ. صفت. [سن. وِشَهَرَ = (وِشَ = زهر + هَرَ = ڪڍندڙ] زهريلو نانگ. ڪارو نانگ ـ واسينگ.
• **بَصارَتْ:** ث. [ع] اک جي روشني ـ نظر ـ ديد ـ نِرت. سُوجهه ـ پرک. عقل ـ سمجهه.
• **بَصَرْ:** ذ. [ع] اک. روشني. نگاهه ـ بينائي.
• **بَصَرَ ج بَصَرَ:** ذ. [ع. بَصَل] ترڪاريءَ جو هڪ قسم ـ پياز (ف) ـ ڏونگري.
ـ **بَصر چِلڻ:** پردو ڪولڻ ـ راز يا عيب ظاهر ڪرڻ.
ـ **بَصري:** ث. بصر جو ٻيڙ. (ذ. صفت) بصر جو. بصر جهڙو. بصر جي ملهه جهڙو. خسيس.
• **بَصْرانْ:** اسر خاص. تعلقي ڏِگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. [ع. بَصْرَه] عورت جو نالو.
• **بَصْرو:** اسر خاص. [ع. بَصْرَه] عراق جي هڪ مشهور شهر ۽ بندر جو نالو.
ـ **بَصْري:** ذ. صفت. "بصري" شهر جو ويڙل "خواجه حسن بصري. بيبي رابعه بصري".
• **بَصِيرو (ت):** ذ. ڪجيءَ جو هڪ قسم (تعلقي خيرپور ۽ روهڙي ۾ عام جام آهي. چون ٿا ته هيءَ ڪجي قافلن ۾ بصري کان آڻي هئي).
• **بَصِيرْ ج بَصِيرَ:** ذ. صفت. [ع. بَصَرَ = هن ڏانو] ڏسڻ وارو ـ ڏسندڙ. دانا ـ بينا. دل جي اکين وارو "اوءِ بصير بَرن ۾. انڌا ٿيو اُڀين" (شاهه). (اسر خاص) خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.
ـ **بَصِيرَتْ:** ث. دل جي روشني ـ اندر جو سوجهرو. بينائي. اندر جي سُوجهه ـ اِدراڪ ـ سمجهه "سندي سردارن. بصيرت بينا

کري" (شاهه).

• **بضاعت:** ث. [ع. بضاعة] سوڙي ـ سرمايو ـ رأس ـ پونجي. تجارت جو مال.

• **بُوضو ج بُضو (ته ک):** ذ. [ع. وضو > بُضو] وضو.

ـ **بُضو پڇڻ (ت):** ماري مڃائڻ ـ هيسائڻ.

• **بطّ:** ث. [ع] بدڪ جڏي ـ مصيبت.

• **بطّال ج بطّال:** ذ. صفت. [ع. بطّال = بيڪار، بي سود] گمراهه ـ وائڙو ـ بتال.

• **بطّال ٿيڻ:** گمراهه ٿيڻ ـ وات ڀلجڻ.

• **بطّانو ج بطّانا:** ذ. [ع. بطانة] پڇڙيءَ ۾ پراءُ طور اندران وڌل ڪپڙو ـ پڇڙيءَ جو استر ـ بتانو "پڳ وڏي يا بطانو؟" (چوٽي).

• **بَطْحا:** اسم خاص. [ع. بَطْحاءُ عـ] مڪي معظم جي پرسان هڪ وادي، جو نالو.

ـ **بطحيءُ:** اسم خاص. 'بطحا' جي وادي، ۾ رهندڙ (رسول الله صلعم).

• **بَطَخ ج بَطَخُونْ:** ث. [ع. بَطّ] بدڪ

• **بِطْرِيقْ:** ذ. [انگ. Patriarch] عيسائن جو پادري.

• **بُطْلانْ:** ذ. [ع. بَطَلْ] ڪوڙ ـ خرابي ـ نقصان. (صفت) ڪوڙو ـ اجايو ـ نڪمو "پڄي بَت پورا، سي بطلان ٿيا".

• **بَطْلِيمُوس:** اسم خاص. [يوناني. Ptolemy] قديم مصر جي هڪ مشهور مهندس جو نالو (بَطْلَمِيُوسُ) جو پي عيسوي صديءَ ۾ موجود هو. علم نجوم ۽ هندسه ۾ مهارت رکندو هو. ۽ انهن علمن تي "اَلْمَجَسْطِي" نالي ڪتاب لکيائين. جغرافيه ۾ سندس ترتيب ڏنل دنيا جو نقشو پڻ موجود آهي].

• **بَطْن:** ذ. [ع] پيٽ ـ شڪم. اندر. قبيلي جي هڪ شاخ. ڪتنب ـ اولاد. پيڙهي. قرآن شريف جي ڪنهن به آيت جي اندروني صوفياني معنيٰ.

• **بَطنِ مادَرْ:** ذ. ماءُ جو پيٽ.

• **بُطي (ن):** ث. صراحي (شراب جي).

• **بَعْث:** ذ. [ع] موڪلڻ. اُپارڻ. اُٿارڻ (خدا جو قيامت جي ڏينهن) مُئن کي جيئرو ڪري اُٿارڻ "يومُ اَلْبَعْثِ = قيامت جو ڏينهن".

• **بِعْثَتْ:** ث. [ع. بِعْثَة] نبوّت ـ پيغمبري ـ رسالت.

• **بَعْد:** حرف جر. [ع. بَعْدَ] پوءِ ـ پڻيان. دير سان.

ـ **بعدِ اَز آن:** ظرف. انهيءَ کان پوءِ.

ـ **بَعْدَه:** ظرف. اُن کان پوءِ.

• **بُعْد:** ذ. [ع] دوري ـ مفاصلو ـ پنڌ.

• **بَعْض:** صفت. [ع] ڪي ـ ڪِي. ڪجهه. ڪي ـ ڪِن.

• **بَعْضي:** ظرف. [ع] ڪنهن وقت ـ ڪڏهن. اتفاقاً.

ـ **بعضي بعضي:** ظرف. ڪڏهين ڪڏهين ـ گاهي گاهي.

• **بَعِيد:** ظرف. [ع] پري ـ دور.

• **بَعِيرْ:** ذ. [ع] اُٺ

• **بَغاوَر:** ذ. جوئر جو هڪ قسم.

• **بَغاوو ج بَغاوا (ته ل):** ذ. [ع. بغاوت] گوڙ ـ شور ـ فساد. جهيڑي جو آواز ـ بَغاغو.

ـ **بَغاوو ڪڻ:** بَغاغو ڪڻ ـ شور مڃائڻ ـ گوڙ ڪرڻ.

• **بَغاغو ج بَغاغا:** ذ. [ع. > ف بغاوت] لڙ ـ شور. گوڙ ـ گهمسان ـ دنگو ـ فساد. جهيڑي جو آواز.

• **بَغان:** ذ. صفت. [ف. بَغا = ڇتو] بزدل ـ ڊڄڻ ـ گيدي. [ع. باغي] رنجيدو ـ ناخوش. ڪاوڙيل.

ـ **بَغان ٿي وڃڻ:** سخت جڙي وڃڻ. ڪاوڙ ۾ تپي وڃڻ.

• **بَغاوَتْ ج بَغاوَتُونْ:** ث. [ع. بَغي عَلَيْ = ظلم ڪرڻ > ف. بغاوت = سرڪشي، بلوو] سرڪشي ـ بلوو. حڪومت جي مخالفت ـ نافرماني. راج دوهه ـ فُتور ـ رڳوڙ.

• **بَغْبَغو ج بَغْبَغا:** ذ. [ع > ف. بَغاوت] لڙ ـ شور ـ گوڙ ـ گهمسان. دنگو ـ فساد. جهيڑي جو آواز.

• **بُغْجو ج بُغْجا:** ذ. [ترڪي. بُغْجه] ڏسو "بُجڪو".

• **بَغْداد:** اسم خاص. [ع] موجوده عراق جي گاديءَ جو شهر (اصل ۾ ٻئي عباسي خليفي منصور جو عراق ۾ دجلا درياءَ جي ڪناري تي ٻڌايل شهر. جو عباسي سلطنت جي گاديءَ ۽ مشرقي اسلامي تمدن ۽ تهذيب جو مرڪز بنيو. اهڙي عاليشان ۽ دنيا جي مرڪزي شهر کي، خليفي 'مستعصر باللهْ' جي عهد ۾ سنه ٦٥٦هـ ـ ١٢٥٨ع ۾ 'هلاڪو خان منگول' حملو ڪري، اهڙي ته ظالماني نموني ۽ بيدرديءَ سان تباهه ڪيو. جو 'بغداد' جو نالو 'بغداد جي تباهيءَ' جي منهور ۾. بمعنيٰ 'ظلم' ۽ 'قهر' مشهور ٿي ويو). ظلم ـ اتڌير ـ قهر ـ ستم.

ـ **بَغداد ٿيڻ:** ظلم ٿيڻ ـ قهر ٿيڻ ـ ناحق ٿيڻ.

ـ **بَغداد ڪرڻ:** ظلم ڪرڻ ـ ناحق ڪرڻ. "پينر ڙي بغداد. ڪري ڪيجي هليا" (شاهه).

ـ **بَغْدادي ج بَغْدادي:** ذ. صفت. بغداد شهر جو رهاڪو. (اسم خاص) مداحن ۾ پيران پير حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني رح جو عام لقب "جا مٿي مون بَلا. سا بغدادي بد تار تون" (رسالو ڏناسري). "آهين عبداللطيف جو. حسني نون هادي: بادشاه

بغدادي. ڪ ڪا ماڙ مريد تي" (شاهه). ڪراچيءَ جو هڪ مشهور محلو، پرت جو هڪ قسم.

• **بَغْدادَ (ت)**: ث. جوٽر جو هڪ قسم. (اسم خاص) دومڪي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **بُغْدي ج بُغْدي**: ذ. [بُخْتي > بُغْدي] وڏو مضبوط لاڏوات "بُغدي بلوچن، ڪنهن ڏاڙي خاطر ڏاريا" (ڪبير شاهه). ڏسو "بُخْتي".

• **بَغْرُ ڏلو ج بَغْرُوڏَلا (ت)**: ذ. صفت. [ف. بغا (=جتو) > بَغْرَ + ع. دلال > دلو = پڙور] بداخلاق .. رڌيل. ڪميٽو. (ث) بَغْرُ ڏلي ج بَغْرُڏَليون.

• **بُغْض ج بُغْضَ**: ذ. [ف] ڪ ج ـ پاسو. پاڪر.

– **بَغل ٽيلهو ج بَغل ٽيلها**: ذ. ڪ ج ر ڪتي هلڻ جهڙو نندو ٽيلهو.

– **بَغل ٽيلهي ج بَغل ٽيلهيُون**: ث. ٽيلهي (جا ڪ ج ر ڪتجي) ـ نندي بگري.

– **بَغل ٽوڪڻ**: خوش ٿيڻ .. ڪچون ٽوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ڪڇيون هڻڻ.

– **بَغل ٻَڌل، ڪوهڙ**: آجائي ڪوش ڪرڻ. ڪم ڪري نه سگهڻ. آجايو پورهيو ڪرڻ. ناڪام ڪوشش ڪرڻ. وس آهر مڙسي ڏيکارڻ.

– **بَغل گرم ڪرڻ**: پاسو ڪوسو ڪرڻ. پاڪر پائي سمهڻ ـ ڪ ڪوسي ڪرڻ.

– **بَغلگيرَ**: ظرف. پاڪرين ـ هم آغوش

– **بَغلگير ٿيڻ**: پاڪر پائڻ ـ هم آغوش ٿيڻ.

– **بَغلگيري**: ث. پاڪر پائڻ جي حالت. پاڪر ـ آغوش ـ هم آغوشي.

– **بَغل لڳائڻ**: پاڪر ر ونڻ.

– **بَغل ر ڇُري رکڻ**: ڪُجهو بغض رکڻ ـ منافقي ڪرڻ.

– **بَغل ر ڏيائڻ**: ڪشي قابو ڪرڻ. زور پريو پاڪر پائڻ.

– **بَغل ر هُڻڻ**: پاڪر ر هڻڻ. پاسي ر هڻڻ. تمام ويجهو هڻڻ ـ نزديڪ هڻڻ.

– **بَغل ونائڻ**: ڪ جا وار ڪوڙائڻ.

– **بَغل وجائڻ**: تمام خوش ٿيڻ. ٽولي ڪرڻ.

– **بَغلي حملا ڪرڻ**: آسائيءَ سان (پاسن وارن هٿن يا سرحدن تان) حملا ڪرڻ.

• **بَغْلو ج بَغْلا**: ذ. [پورچوگيز (؟)] ساموندي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ٻيڙيءَ جي اڳيل. وارُ ڪان وڏو ٻيڙو (ڪ) "ڀگهلو (پڪي).

• **بَغْلو ج بَغْلا**: ذ. پسي راند (ٽون) ر ٽيشي مُورتن وارا بت. پٽي راند جو وڏو دا.

• **بَغْلُول**: ذ. صفت. [ع. بَهْلول] مورک ـ بيوقوف.

• **بُغْلي ج بُغْليُون**: ث. [ف. بغل] قميص يا پهراڻ ر ڪجري وجهڻ جو ڪپڙو. اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ر اُٺ ران ڪي پيٽ سان هڻندو آهي). ڪتاب جي مٿان ڪپڙي جو پوش. ٽيلهي (جا ڪ ر ڪتجي) ـ بگري. هڪ هڪ قسم جو مُگدر. پلٽي يا ملهه ر هڪ ڪيڏ. ڪبڈي يا ٻيلهاڙي ر حريف جي ٻانهن ڪ ر قابو جهلڻ جي ترڪيب.

– **بَغلي ماڙ، ٽوڪڻ**: ڪ ر هٿ وجهي ٻانهن هلائي آواز ڪڍڻ. ڪڇيون هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ.

– **بَغليُون ٽوڪڻ**: ڪجون ٽوڪڻ ـ ڪڇيون هڻڻ. خوشي ڪرڻ.

• **بَغُوجَل بَغُوجڙي ج بَغُوجَڙيُون**: ث. درياائي ٻيڙي، جو هڪ قسم (ننڍي ٻيڙي).

• **بَغِيجو ج بَغِيجا**: ذ. [ف. باغيچه] ننڍڙو باغ.

• **بَغَير**: ظرف. [ع + ف] ڪان سواءِ.

• **بَفْ**: ذ. [انگ. buff] ٻُوٽن لاءِ هڪ قسم جو چمڙو. باجي جو هڪ پاڳو. قميص يا چولي جي جُڙ (ت).

• **بَقا ج بَقائُن**: ث. [ع. وبا > وبا > (ترڪيب تقليب موجب) بَوا، بدا] وبا ـ ڪالرا ـ هيضو.

• **بَقائڻ**: مصدر. [سن. باشْپ = باڦ] باڦ ڪرڻ. زبان سان ڪجهه چوڻ ـ واتان ڪڍڻ. واڦ ـ داڦ. (بَڦائيو ـ بَڦائيندو ـ بَڦايل).

• **بَڦَرُ ج بَڦَرَ**: ذ. [انگ. buffer] ڏڪ ـ جهلو. ريل گاڏيءَ جي ڦٻڻ کي ٽڪرجڻ کان روڪڻ جي ڪل.

• **بَقا (ث)، بَقاءُ (ذ)**. [ع. بَقاء] هميشه رهڻ جي حالت. "فنا" جو ضد. ثبات. استقامت. حيات جاودان ـ جيوت. ٻيهڪ ـ قيام. (اسم خاص) مرد جو نالو.

– **بَقا بِاللّٰه** محاورو. الله سان هڪ ٿي وڃڻ (صوفين جي هڪ منزل، جا "فنا في الله" کان پوءِ حاصل ٿئي).

– **بَقائُو ج بَقائُو**: ذ. صفت. بقاءُ ڪندڙ ـ بقادار. گهڻو وقت هلندڙ ـ جڏهن جهاڻو. دائم قائم.

• **بَقا آباد**: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ر هڪ ديهه جو نالو.

• **بَقاپور**: اسم خاص. ڏاڪڻائي ۽ ڪنڊ ڪوٽ تعلقن ر هڪ ديهه جو نالو.

• **بَقالُ ج بَقال**: ذ. صفت. [ع. بَقْل (= ڀاڄي) > بَقال] ڀاڄي وڪڻندڙ ـ سبزي فروش ـ ڀاڪري ميوو وڪڻندڙ. مودي. دڪاندار.

– **بَقالو**: ذ. ڀاڄي ٻني ـ ترڪاري.

– **بَقالي ج بَقالي**: ذ. صفت. بقال ـ ڀاڪري.

• **بَقاوَلُ**: ذ. صفت. [ف] رڌائي حوراڪو ـ ڪڪڙ.

• **بقايا ج بقايائون:** ث. [ع. بقية، بقايا] رهيل رقم .. بچت ـ باچي. رهيل قرض. ته پياريل سرڪاري پئسو.

ـ **بقايا جو قرض:** ذ. پوتاميل بقايا جو انگ.

ـ **بقايا ڪين:** باقي قرض ٻيهارڻ. صافي بچت ڪرڻ.

• **بقچو ج بقچا:** ذ. [ترڪي. بُقچه] ڏسو "بچڪو".

• **بقر:** ذ. [ع] ڏڳن ۽ ڏڳين جو ڏڪ. ڏڳو .. ڏاند. گئون ـ ڏڳي

• **بقراط:** اسر خاص. [يوناني. Hippocrates] هڪ مشهور يوناني حڪيم جو نالو (جو حضرت عيسيٰ کان گهٽو اڳ ٿي گذريو. ۽ علم طب جو باني سمجهيو وڃي ٿو).

• **بقرعيد:** ث. باکري عيد ـ عيدالاضحيٰ .. عيد قربان (جا ۱۰ ـ ذوالحج تي مسلمان ملهائيندا آهن).

• **بقره:** ث. [ع] گئون. وهڙي. (ذ) تصوف جي اصطلاح ۾ انهيءَ شخص جو روح جنهن خدا جي طلب ۾ بيٺ کي حرص هوا کان روڪيو هجي. (اسر خاص) قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو (جنهن ۾ بني اسرائيل جي ڏڳيءَ جو ذڪر آهي).

• **بقعه:** ذ. [ع] هنڌ ـ جاءِ

• **بقل:** ذ. [ع] پاچي ـ سبزي.

• **بقم:** ذ. [ع] ڪاڪ جو هڪ قسم (جو گاڙهي رنگ جو ٿئي).

• **بقيع:** ذ. [ع] وڻن جو جهڳٽو ـ ٻيلو.

ـ **بقيع الغرقد:** اسر خاص. مدينو شريف جو قديم ٻيلو (جو پوءِ مقام ٿيو. جنهن کي هاڻي "جنة البقيع" چوندا آهن).

• **بقيو ج بقيا:** ذ. [ع. بقيّه] بقايا ـ بچت "بقيو سلف صالح جو" (= اڳين صالح شخصن مان هڪ جيئرو صالح شخص).

• **بقيّه:** ذ. [ع] باقي رهيل حصو ـ بچت. اهي ڪم جي خدا وٽ پائيدار آهن "بقيّة الله".

ـ **بقيه عُمر:** ث. باقي رهيل حياتي.

• **بڪ:** ث. [ع. بقّبق = گهٽو ڳالهائڻ: سن. واڪ = آجايو ڳالهاءِ] ٻيهودي گفتار ـ اجائي بڪواس. يخي .. جاڙي. ڳالهه جي اجائي ڏيگهه.

• **بڪ شڪ:** ث. اجائي ڳالهه ـ ٻيهودي گفتار.

• **بڪ ڪرڻ:** بڪواس ڪرڻ ـ جهڳي هٽڻ. ٻيهودو ڳالهائڻ.

• **بڪ ج بڪ:** ذ. [سن. بڪّه، بڪّر. بڪي =دل] تنگ جي ٻني ـ بڪي. ٿونڊ کان ونڊي ڪلهي تائين پاڻهن جو حصو. ٿونڊ کان ڪلهي تائين ڇوڙو. ڪيوڙي جو آڳ ڪليل سنگ. گنبڊ. [انگ. book] ڪتاب. ريلوي ۾ مال جي رجسٽري.

– **بڪ بائينڈر:** ذ. صفت. [انگ. book binder] جلد ٻڌندڙ .. جلد بند ـ جلد ساز.

– **بڪ پوسٽ:** ذ. [انگ. book post] ڪليل لفافي خط. ڪتابن وغيره جو ڪليل پارسل.

– **بڪ ڪرائڻ:** ريل گاڏيءَ ۾ مال موڪلڻ لاءِ. اسٽيشن تي مال جي داخلا ڪرائي رسيد. وٺڻ.

• **بڪار:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ پاڳي جو نالو. روهڙي ڊويزن جو اڳيون نالو ـ "اپو" (ڏودي چنيسر جي ڳالهه ۾ مذڪور ته جڏهن علاءالدين اچي 'بڪار' ڦري تڏهين دودي چنيسر جي پٽ. ننگر. ڪي جاڙهي موڪليو). تعلقي روهڙيءَ ۾ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو. ضلعي سانگهڙ ۾ ڳوٺ ۽ ديهن جو نالو.

• **بڪارت:** ث. [ع. بڪارة] ڪنواريپي جي حالت ـ ڪنوارپڻ

• **بڪارڻ نمر، بڪائڻ نمر:** ث. وڻ جو هڪ قسم (جو نمر' جهڙو ٿئي. بن رواجي نمر کان وڏا. ڪائي اچي. ۽ نمورين پساريڪي وکر طور دوا ۾ ڪم اچن) ـ شجر غرازه (ع) ـ آزاد درخت (ف).

• **بڪاري ج بڪاريو:** ذ. صفت. [ع. بڪّال] ميوو. پاڄيون يا گل رکندڙ ـ باکري. (ث) بڪارڻ ج بڪارٽيون.

• **بڪاول:** ذ. [ف] بورچيخاني جو راکو ـ وڏو بورچي. ساقي.

• **بڪاولي:** ذ. [ف] بورچيخاني جو سامان. ردڙ پچائڻ جو سامان ـ ٽانوٽيا. (اسر خاص) "گل بڪاولي" جي قصي ۾ هڪ پريءَ جو نالو (جنهن سان 'تاج الملوڪ' نالي هڪ شهزادي شادي ڪئي. لغت "فرهنگ آصفيه" جو مؤلف لکي ٿو ته 'بڪاولي' راجا هيڪل جو ڪ. رياست ريوان جي والي،ءَ جي ذي، هئي).

• **بُڪا:** ذ. [ع] روڄ ـ راڙو ـ ماتم "تر پئ ڪن بُڪا، اڪندا آري، لءِ گهٽو" (شاه).

• **بڪبڪ:** ث. [ع. بقْبَق = هن گهٽو ڳالهايو: سن. واڪ = آجايو ڳالهاءِ] آجايو گهٽو ڳالهاءِ. جهڳي ـ يخي. بڙبڙ. لٻاڙ.

ـ **بڪبڪي، بڪبڪيو:** ذ. صفت. [ع. بقْباق] گهڻ ڳالهائو ـ بڪواسي ـ بڪرادي.

• **بڪبڪ:** ذ. [ع. بقْبَق] گهڻن پکين جو گڏيل آواز. ڪبوترن جي گهوگهو.

– **بڪبڪوڪو:** ذ. پاريهر جو آواز ـ گهوگهو.

• **بڪبڪي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (مبرانجهڙي رنگ ۽ ڇڊن برن وارو).

• **بڪتر ج بڪترون:** ث. [ف. بگتر] لوهه جي زره.

– **بڪتري:** ذ. صفت. زره پوش.

• **بَڪُ:** ذ. اِتي ذڪر راند جو هڪ لفظ. ڏسو "ڪلي ذڪر".
– **بَڪ ۾ جُڳ وڃڻ:** اِتي ذڪر راند ۾ جُڳ پوري ٿيڻ کان پوءِ بڪ نہ ٿيڻ جي حالت ۾ "جُڳ" پورو نہ ٿيڻ، شروعات ۾ شڪست ملڻ، نقصان پهچڻ.
– **بَڪ هڻڻ:** ٻيرن تي اِتي رکي اڇل ڏيئي ذڪر سان ڏک هڻڻ.
• **بُڪِچي** ج **بُڪچِيُون:** ث. [ترکي. بُغجه] بُجهکي، گج جي پُٽ ۾ ٿهيل گوٽري يا بُجهکي (جنهن ۾ سُرهاڻ پريل هجي).
• **بَڪَرَ** ج **بَڪَر:** ذ. [ع. بَقَلَ] وڪر. ميوو يا سائي پاڄي، وغيره
– **بَڪر مالَ (ڪ):** ذ. پاڄي، سامان نازڪ شيون.
• **بَڪْرَمُ** ج **بَڪْرَمُ:** ذ. [انگ. buckram] ڪپڙي جو هڪ قسم (جو ٿلهو ٿئي، ۽ ڪرتن جي استر ۾ ڪم اچي).
• **بَڪَ شَڪَ:** ث. ٻيهودي گفتار. بڪبڪ لباڙ.
• **بِڪَڪَ:** اسم خاص. ڪوهستان علاقي جي "چٹا" قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بَڪَلُ** ج **بَڪَلْ:** ذ. [انگ. buckle] وارن کي قابو ڪري ٻيهارڻ جو زيانو. فوجي ماڻهوءَ کي سندس عهدي مطابق مليل نشان. ڪنهن ماڻهوءَ کي آفرين طور سرڪار کان مليل ٻلو ـ تمغو.
• **بَڪَلْ:** مصدر. [سن. پَڪَلَ. پانْشَلَ = ميرو، ڏوڙ سان پريل. گپ سان پريل] پَڪَلَڻ، ميرو ڪرڻ. ڪنو ڪرڻ. لڙاٽڻ. وڄائڻ ـ قِنائڻ. پَرُڻ (مني، ۽). (بَڪليو ـ بَڪليندو ـ بَڪليل).
– **بَڪليو** ج **بَڪَليا:** ذ. صفت. بَڪلي. ميرو ڪندو. وڄايل. قِنايل. پريو ـ پريل "ڏوڙ بَڪليو ماءُ پرين، ڏن بَڪليو جوءِ پرين. اَڄين ڪپڙين سَسُ پرين" (جوڻي).
• **بَڪَمُ:** ذ. [ع. بَقَمَ = ڳاڙهو رنگ] وڻ جو هڪ قسم (جو دکن ۽ زنجبار طرف ٿئي، ٻَن بادام جي پنن جهڙا. گُلَ ڪهڙ ڪري زرد ۽ چوڙي ڳاڙهي جا رڳ ناهڻ ۾ ڪم اچي). ڳاڙهي چوڙي (بڪر وڻ جي).
• **بَڪم ڪانِي:** ث. "بڪم" وڻ جي ڪاني. پارکي وڪر جو هڪ قسم.
– **بَڪم مالُ:** ذ. ناڪٽون مال ـ نازڪ مال.
• **بُڪْمُ:** ذ. صفت. [ع. اَبْكَمُ ج بُكْمُ] گونگا.
• **بُڪْنِي:** ث. چانهه جو هڪ قسم ـ سنهي چانهه.
• **بَڪَنُ:** مصدر. [ع. بَقْبَقَ = گهڙ گهڙائڻ: سن. ١. وَجْ = گهڙائڻ ٢. واكْ = اڇايو ڳالهائڻ] گهڙ گهڙائڻ. بڪبڪ ڪرڻ. بدشد گهڙائڻ. واهيات ڳالهائڻ. وڪلڻ. لباڙ هڻڻ. چوري ٽيل مال جي خبر ٻڌائڻ (ت). خلاف شاهدي ڏيڻ (ت). لڳ ڪرڻ (ل). (بَڪيو ـ بَڪندو ـ بَڪيل).
– **بَڪَڻ** ج **بَڪَڻا:** ذ. صفت. گهڙ گهڙائو ـ بڪبڪيو ـ واتڙيو.
• **بَڪو** ج **بَڪا (ڪ):** ذ. مچيءَ جو هڪ قسم (منهن چلرن سان، وات وڪري وجون حصو هٽ وانگر وڪري. ڏيکهه ٣ کان ٩ انچن تائين).
• **بَڪو بَڪا (ڪ):** ذ. ڏسو "پَڪو ـ ڏرو، چُورو.
• **بَڪُواتُ، بَڪُواڊُ، بَڪُوائِ:** ث. بَڪبَڪ ـ بَڪ شڪ. ٻيهودي گفتار.
– **بَڪواتِي، بَڪواڊي، بَڪُواسي:** ذ. صفت. بڪبڪيو ـ گهڙ گهڙائو.
• **بَڪَهُ (ل):** ذ. مَگن يا متن جو ڪَجهه.
• **بُڪي** ج **بُڪِيُون:** ث. [سن. بُكي، وُرِكَ] گُردو ـ مثانو. تنگ جي پني.
• **بُڪيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بُڪيجاڻِي:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بُڪيرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ مشهور ڳوٺ (جتي بهاؤالدين ذڪريا رحه جي اولاد مان قريشي پيرن جي سڪونت گاهه ۽ درگاهه آهي).
• **بُڪيراڻِي:** اسم خاص. خليلاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَڪَ:** ث. [بڪڻ (=جهڪڻ) > بَڪَ] جهڪ ـ ٽمڪ.
• **بَڪَ** ج **بَڪَ:** ذ. [پرا. بَكَ: سن. هَكْشُ = ڪاٽڻ] ڪاڇ ـ ڪاڏو ـ پوڄن. ٻلِ ـ قرباني. خيرات ـ صدقو. شڪار.
– **بَڪ ٽيڻ:** ڪاڇ ٽيڻ. قرباني ٽيڻ. شڪار ٽيڻ.
– **بَڪ ڏيڻ:** قرباني ڪرڻ ـ صدقو ڏيڻ.
• **بِڪ:** ذ. [سن. وِشَ] وِڪ ـ وهَ ـ زهر. (ث) [هـ بِكيا] بيڪ ـ خيرات.
• **بُڪَ** ج **بُڪُون:** ث. [پرا. بُبّكا: سن. بُبْكْشا < بِجْ = ڪاٽڻ] ڪاڏي جي اشتها. لنگهڻ ـ فاقو ـ تسيو. ڏڪار ـ قحط. حرص ـ لهچ. لالچ ـ تمنا.
– **بُڪارو** ج **بُڪارا:** ذ. صفت. بُڪايل ـ بُڪيو.
– **بُڪ جا ڇڪ وڃڻ:** اَڇايو ڏَڏو ڪرڻ. هرو پرو جي لالچ رکڻ. رشوت طور ڪُجهه ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
– **بُڪ جا لوڙهه اُڀرڻ:** ڏاڍي بُڪ سبب پيٽ ۾ وٽ پوڻ.
– **بُڪ ڏيڻ:** ڪاڏو نہ ڏيڻ. سختي ڏيڻ.
– **بُڪ ڪيڻ:** ڪاڏو نہ ڪاٽڻ ـ لنگهڻ ڪيڻ.
– **بُڪ مارڻ:** باوجود بُڪ هڻڻ جي ڪنهن کي ڪاڏو نہ ڏيڻ. بُڪ جي اشتها تي ضابطو ڪرڻ.
– **بُڪ هڻڻ:** لنگهڻ ڪيڻ ـ فاقو ڪيڻ. ڪاڏي نہ ملڻ سبب وبا کل ٽيڻ.
– **بُڪَ وڃڻ:** بازدارن جو اصطلاح. باز کي پيٽ جي دوا کارائڻ.
– **بِڪاري** ج **بِڪاري:** ذ. صفت. [سن. بِڪشاهاري (= بِڪْشا = خيرات + اَهاري < هرْ = ونڻ) = خيرات وٺندڙ] پينو ـ گداگر ـ

فقير، غريب ـ کنگال، عرضدار ـ سُوالي.

• **بَکا (ث):** ذ. چيچڑا ـ وکا.

• **بَکائجڻ:** فعل مجهول. [سن. بُهکْشا = بَک] بَک لڳڻ ـ بَک کان ٻاهر ٿيڻ. (بَکايو ـ بَکائيو ـ بَکايل).

• **بَکائڻ:** مصدر. [سن. پَسْ = چمڪڻ] تجلو ڏيڻ، چمڪائڻ، صيقل ڪرڻ، پري کان ظاهر ٿيڻ، درشڪڻ، دکائڻ ـ ڏيکائڻ (ٻاهه)، بخيا ڏيارڻ ـ ٽورا تانڪا ڏيارڻ (ل). (بکايو ـ بکائيندو ـ بکايل).

• **بَکائي، بَکائيجڻ:** مصدر. بَک لڳڻ، بک ڪَڍائڻ. (بَکايو، بَکائيو ـ بَکائيندو ـ بَکايل).

– **بَکايل ج بَکايلَ:** ذ. صفت. بَک جو ماريل، بَکيو، سِکايل.

• **بَکَر:** اسم خاص. روهڑي ۽ سکر جي وچ تي سنڌو نديءَ ۾ هڪ ٻيٽ، ۽ اُن ٻيٽ تي جهوني تاريخي شهر ۽ تاريخي قلعي جو نالو.

• **بَکْراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات يا ڪنهن قوم جي پاڙي جو نالو (هن نالي سان ڪيترن ئي قبيلن جا پاڙا آهن: مثلاً تعلقي ميرپور ساڪري ۾ "بکراڻي گدا" (جي بگهياڙ بلوچن جا گدا آهن)، جاڪي بندر کان ڪوهه ڪن اُپرندي "پاتار درياءَ" تي ويٺل، جن مان بَکر، ڪارو، وَرُو، آچار، اسحاق، اِبوڙو ۽ بيگ شاعر تي گذريا). ضلعي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکِرو ج بَکرا:** ذ. [فـ. بَهْرَه] بخرو ـ حصو ـ ياگو ـ پَتي، ٻوٽي جو هڪ قسم ـ بَکرُو.

• **بِکْرُوڻ:** مصدر. [سن. وِ = پري + کُرِيْ = کرڻ کِرْ ٿيڻ] پکڙڻ ـ منتشر ٿيڻ. (بِکرِيو ـ بکڙندو ـ بِکرِيل).

• **بَکرُ:** ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو (وس تي ٿئي).

• **بَکرُو:** ذ. گاهه يا ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا ڏيلها ڪندن وارا ٿين ۽ انهن ۾ اُپا داڻا ٿين). ووٽن جو هڪ مرض. ساوڪ ـ سبزي.

• **بِکْرُو:** ذ. صفت. قِتل (رنگ).

• **بَکْڻ:** مصدر. [سن. پا. پَس = چمڪڻ] چمڪڻ ـ ٽمڪڻ، دڙڪڻ. پري کان روشني نظر اچڻ. ظاهر ٿيڻ. پريان ڏيکاري ڏيڻ. اُڏ وسائل ٻاهه جي تاندن جو ٽورو چمڪڻ. ڏڳڻ (ٻاهه). (بَکيو ـ بَکندو ـ بَکيل).

• **بَکو ج بَکا:** ذ. [فـ. بخيه] بخيو ـ بَکيو، تورپو ـ سيبو. اُٽ جي پوئين تنگ جو ڏَڌ کان وٺي پُنيءَ تائين ياگو (ل).

• **بَکوري:** اسم خاص. تعلقي حيدس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَکو ڪلي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگرو ٻوتا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بِکيا ج بِکيائڻ:** مث. [سن. بِکْشا] ٻِڍ ـ ڳداگري، خيرات ـ دان، ڪاڏو (جو ساڏو فقير کي خيرات ۾ ملي).

– **بِکياري ج بِکياري:** ذ. صفت. ڳداگر ـ ٻينو، عرضدار ـ سَوالي. (ث) بِکيارَڻ.

– **بِکْيَڪ:** ذ. صفت. ٻينو ـ گداگر.

• **بَکِياڙ (ل):** ث. موچين جو هڪ اوزار ـ بخيي واري آڙ (جا تمام سنهي بخيي يا ٽوپي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي).

• **بَکْيٽ ج بَکْيٽَ:** ذ. صفت. بَکايل، هيڄي، هُوندي سوندي سِکندڙ ـ بخيل، نيٽ جو بَکيو.

• **بِکِيڙڻ:** مصدر. [سن. وِكْرِيْ < وِ = پري + كْرِي = بِکيڙڻ] بِکيڙڻ ـ منتشر ڪرڻ. (بِکيڙيو ـ بِکيڙيندو ـ بِکيڙيل).

• **بَکيڙو ج بَکيڙا:** ذ. [سن. واكْلَة] جهيڙو ـ جهڪڙو ـ تڪرار ـ فساد، لڙ ـ شور ـ گوڙ ـ ڏمڪر، رولو ـ گڙٻڙ.

– **بَکيڙائي ج بَکيڙائي:** ذ. صفت. جهيڙاڪر ـ معاملاتي، گوڙ ڪندڙ.

– **بَکيڙو ڇڪائڻ:** جهيڙو ختم ڪرڻ، صلح ڪرائڻ ـ سانت ڪرائڻ.

– **بَکيڙو ڪَڙڻ:** جهيڙو ڪرڻ، رڳڙو ڪرڻ، گوڙ ڪرڻ ـ شور ڪرڻ.

– **بَکيڙو ۽ مچائڻ:** معاملو وڌائڻ ـ گوڙ وڌائڻ.

– **بَکيڙو ۽ جهڻ:** جهيڙو وجهڻ.

• **بَکيو ج بَکيا:** ذ. [فـ. بَخْيَه] بخيو، تورپو ـ سيبو، ٻيٽ جي هڪ بيماري، اُلٽي ـ قيءَ ـ اوجاڙو (ڪ).

• **بِکيو ج بِکيا:** ذ. صفت. [سن. بُهكْش] بَک وارو ـ بَکايل، هيڄي، لالچي. [هـ بَکيا] تيز طبع ـ چيڙاڪ.

– **بِکياڻپ:** ذ. صفت. بَکايل ـ بَکيو.

– **بَکيي پيٽ:** ظرف. بَک ۾ ـ بَک سان. نيراني ـ لنگهڻ.

– **بَکيي پيٽ کي پَٽيون پَٽڻ:** غربت سان وقت ٽپاهڻ، تنگيءَ جا ڏينهن ڪاڻڻ.

• **بَگ:** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (جا نہ ڦرجهلي ۽ نہ ئي ڪم ڏئي).

– **بَگ تاريو (ت):** ذ. صفت. اُڇين اکين وارو، منحوس، نپاڳو.

– **بَگ ڏاڙهو:** ذ. صفت. اُڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو.

• **بَگ:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگ ج بَگ:** ذ. صفت. [سن. وَكَ = اُجو بَگهُ] اُجو ـ سفيد. (ذ) ڪوڙهه جي بيماري (جنهن ۾ بدن تي اُجا ٽڪا ٿي پون)، ڪوڙهه جو اُجو ٽڪو. مترن ۽ ڏاڙهن جي پوک جو هڪ مرض (جنهن ۾ ساوا پن اُجا ٿي پون)، جوئر ۽ باجهريءَ جو هڪ مرض (جنهن ۾ واءَ جي ڦيري سبب سنگن جو اُڃ مارجي وڃي)، ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن مان زنانيون پوتيون ٺهن). (صفت) بَگ ـ دغاباز.

• **بُگ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگا:** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **بُگا:** اسر خاص. تعقلي موري ۾ هڪ گوٺ (جتي جا پڙهيل ۽ عالم "بُگائي بزرگ" جي نالي سان مشهور آهن. جن مان عالم، درويش ۽ شاعر غلام محمد بگائي مشهور ٿيو).

• **بِگاڙڻ:** مصدر. [سن. ١. وِگهٹَن = پڄي ڌار ڪرڻ؛ ٢. وِگٹ < و = خراب + گٹ = هلت] خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ ـ ڪاوڙ (ڪنهن شيءِ، ڪم، ڳالهه يا معاملي کي) بي شڪل ڏيڻ ـ روپ بدلائڻ. اُبتو ڪرڻ. (بگاڙيو ـ بگاڙيندو ـ بگاڙيل).

– **بِگاڙ (ٹ)، بِگاڙ (ڏ):** بگاڙو ـ خرابي ـ ڦيٽاڙو. ابتري ـ خلل. تبديل. اُٿبڻ. بکيڙو ـ جهيڙو.

– **بِگاڙو ڇ بِگاڙا:** ڏ. خرابو ـ ڦيٽاڙو ـ فتنو.

• **بِگاسَڻ:** مصدر. [سن. وِڪاسَن] ڪلڻ (گل) ـ ٽڙڻ. ظاهر ٿيڻ ـ نڪرڻ. (بِگاسيو ـ بِگاسيندو ـ بِگاسيل).

• **بِگاگو:** ڏ. ڏسو "بَغاغو".

• **بَگبَگوتو:** ٿ. ڪبوتر جي گهوگهو.

• **بَگٹي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (پاڙا: ١. راهيجا، ٢. شنباڻي، ٣. بخشاڻي، ٤. جاڪراڻي، ٥. گدري، ٦. بُگٹي، ٧. ميرواڻي، ٨. ڪيازئي، ٩. ڪلڦر، ١٠. مندراڻي، ١١. مشوري، ١٢. نوتاڻي، ١٣. سندراڻي، ١٤. زرڪاڻي، ١٥. بُگراڻي، وغيره).

• **بُگجو ڇ بُگجا:** ڏ. [ترڪي بُغجه] بحڪو. بدڙي ـ گِند (ڪپڙن جي).

– **بُگجاڻي ڇ بُگجاڻي:** ڏ. صفت. ڪيڙي جي قيريءَ وارو ـ بحڪاڻي.

• **بَگَد (ٹ):** ڏ. [ع. بُغض] حسد. دل جي کوٽائي ـ غير ـ بِياڻي.

• **بَگُدا (ک):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَگُدار، بُگُدار:** ٿ. اُڇيءَ جوٽر جو هڪ قسم اُلڪ.

• **بُگُدي ڇ بُگُدي:** ڏ. ڏسو "بُغدي".

• **بِگر:** ظرف. [ع. بِغير] کان سواءِ ـ ڌاران ـ سواءِ ـ بنا "کونهي کميڻيءَ جو بگر تو بلو" (شاهه).

• **بُگرو:** اسر خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بگري ڇ بگريون:** ٿ. [ف. بَغْلي] پيدل سفر ۾ سيڊي وغيره وڇهڻ لاءِ گوٿري (جا بغل، يعني ڪڇ، ۾ ڪٿي هلجي). خرچين مثل ڪپڙي جي گوٿري، فقير جي ڪڇ ۾ لڙڪندڙ گوٿري ـ گداگرن جي گدري "ٽڪ وڌائون بگريين. جوڳي ڪندا جَڳ" (شاهه). چراگاهه طور ڪم ايندڙ زمين ٽُکر. زمين جو آباد ٽُکر ـ ٽاڪي. سوڙهي جاءِ (ال).

• **بُگري:** ڏ. چانورن جو هڪ قسم.

• **بگڙ ڇ بگڙ (ٹ ل):** ڏ. صفت. [سن. وِڪ = اڇو بگهه] اُڇو ـ سفيد. پورو.

گورو. اڇن وارن وارو. گورو.

• **بِگڙڻ:** مصدر. "بِگڙڻ" مان فعل مجهول. بدلجڻ. خراب ٿيڻ (بِگڙيو ـ بِگڙيو ـ بِگڙيل).

• **بَگڙدلو ڇ بَگڙدلا:** ڏ. صفت. وات ڦاٽوڙو. ڀڙڪ (جوابي) ـ هَڏ ڏَٽي ـ دمباز. امانت ۾ خيانت ڪندڙ ـ خائن ـ ڪپتيو. بدمعاش ـ ننگ. اُڻ گهڙيو. پڻ ڏسو "بغڙدلو".

• **بِگڙڻ:** مصدر. [سن. وِگهٹ = پڄي جدا ڪرڻ] خراب ٿيڻ ـ ڦٽڻ. صورت بدلجڻ ـ ڦرڻ. ڪاوڙجڻ. ٽهڻ. وڙهڻ. (بگڙيو ـ بگڙندو ـ بگڙيل).

• **بَگڙو ڇ بَگڙا:** ڏ. نٽر جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم. (صفت) اُڇو ـ سفيد.

• **بِگُل ڇ بِگُل:** ڏ. [انگ. bugle] پتل جو توتارو (جو فوجي اطلاعن لاءِ وڄايو وڃي) ـ فوجي ٽوتارو.

– **بِگل ڦري وڄڻ:** فوجي توتاري (بگل) وڄڻ تي سپاهيءَ کي جوش اڇڻ ۽ سندس دماغ بدلجڻ. جوش سببان دماغ ڦري وڃڻ. سخت جوش ۾ اڇڻ. خيال متجي وڃڻ. مغز خراب ٿي وڃڻ. بِگل وڄي وڃڻ ـ جنگ جو اعلان ٿي وڃڻ. حالت بدلجي وڃڻ.

• **بَگلڻ:** مصدر. پرڻ ـ مالا مال ڪرڻ. آلوده ڪرڻ. مٽيءَ هاڻوڪرڻ. پڻ ڏسو "بَڪلڻ". (بگليو ـ بگليندو ـ بگليل).

• **بَگلا ڇ بَگلو:** ڏ. [سن. وڪ = بگهه] بگهه بکي (جو هميشه مانيٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر جڏهن کا مڇي ڏسندو آهي. تڏهن اوچتو جهت مٽي ڳڙڪائي ونندو آهي). ڏُنگيءَ جو هڪ قسم. اُڇي رنگ جو گهوڙو جنهن تي سنهان ڳاڙها ٽڪا هجن.

– **بَگلو پگهڙ:** ڏ. رياڪار ـ مڪار. منافق ـ اندر ٻهريو.

• **بَگلي ڇ بَگليون:** ٿ. [ف. بَغل > بَغلي] بَغلي ـ ڪڇ. بگري. بغل ٽيلهي.

– **بَگليون ٽوڪڻ:** ڪچون ٽوڪڻ. خوشيون ڪرڻ.

• **بُگليو ڇ بُگليا:** ڏ. صفت. بگريءَ وارو درويش. گودڙي، وارو فقير. جهوليدار فقير.

• **بَگو ڇ بَگا:** ڏ. صفت. [سن. وِڪ = بگهه] اُڇو ـ سفيد ـ پورو. (ڏ) پوري رنگ جو ڏاند ـ اُڇي رنگ جو اُٺ. بگي رنگ جو ماڻهو ـ اُلبينو. بَگهه ـ بگلو.

• **بِگو ڇ بِگا:** ڏ. [سن. وِگُرَه] ايڪڙ جو $\frac{5}{8}$ حصو (٢٢٥٠٠ چورس وال) ـ بيگو.

• **بَگو ج بَگا:** ذ. ٽڻ مان کير جوسڻ لاءِ ڏاڪ ڦر جو ٿونو. ٽڻ مان ڳوهي ڪيڻ لاءِ مَٺ جو زور. ٽونڊو. ڳديل ٻنهي هٿن سان ڏَڪ (راند ۾). تخمينو ـ ڏَڪو. ڏنو ـ ڪوڙ.

– **بَگو هٿ:** ڦَرُ (چيلي، گابي، باڏي، وغيره) جو کير پيڻ لاءِ جوڙائيءَ جي ٽئن کي ٿونو هڻڻ. پوک جڳيءَ طرح نہ ڪرڻ. ڏنو ڏيڻ.

• **بِگوٽي ج بِگوٽيُونْ:** ٽ. زمين جي ماپ جو هڪ نمونو (سينٽيلين سان ماپ).

• **بَگو ڏَرو:** اسم خاص. آباوڙي ۽ ڪنديارو تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **بَگولو ج بَگولا:** ذ. [هـ. بَگولا] واجوڙو.

• **بَگوئي ج بَگوئيُونْ(ت):** ٽ. ڪڇ ـ بغل.

– **بَگوئيُون هڻڻ:** ڪچون ٽوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ناز ڪرڻ.

• **بَگي ج بَگيُون:** ٽ. صفت. [سن. وَرْ = هلڻ] اڇي ـ سفيد. ڊگي (اڇي رنگ جي). ٻري ٻکريءَ جو هڪ قسم (رنگ اڇي تنگون بلڪل ننڊيون ڪن ننڊڙا ..... اڇتي وريل ۽ ٽڻ وڏا). (ٽ) گهوڙي گاڏيءَ جو هڪ قسم ـ بَگهي. ٻنا جوهر ترار. (اسم خاص) ڏوڪريءَ ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

– **بَگي بوز:** ٽ. ميڙهن جو هڪ قسم (جنهن جا چارئي آڇا پير ٿين).

• **بِگيڙ ج بِگيڙَ:** ذ. فڏو ـ فساد ـ فيٽاڙو ـ ڏڦير.

• **بِگيڙڻ:** مصدر. بگاڙڻ ـ خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ. ڦيرائڻ ـ بدلائڻ. ڪاوڙائڻ. (بگيڙيو ـ بگيڙيندو ـ بگيڙيل).

• **بَگيڙي:** ذ. هڪ قسم جو ننڊڙو پکي ـ هيڙهو.

• **بَگهاڙي، بَگهاڙي ج بگهاڙيون، بَگهياڙيُون:** ٽ. لوهه جي ڪلي (هيڻان دوشاخي، جا پاڪڙي ۾ ڪٽب جي چيڙي کي پَسر سان مضبوط ڪرڻ لاءِ لڳائيندا آهن) "بگهاڙيون بغلن ۾. لڳين لوهه لڳاس" (شاهه).

• **بَگهڙ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **بَگهڙ ج بَگهڙ:** ذ. [سن. ڏرڪَ] وحشي جانور جو هڪ قسم ـ ڳنرگ ـ ناهر. پاڪڙي جي گهوڙي ۽ پَسرن کي مضبوط رکڻ جي هڪ ڪاٺي. (صفت) جالاڪ. سگهارو.

– **بَگهڙپُڻ:** مصيبت پوڻ ـ آفت نازل ٿيڻ ـ نقصان پهچڻ.

• **بَگهڙي ج بَگهڙيُونْ:** ٽ. پوک جي ٽڪري "گهٽن پيتاري بگهڙي. ڪاڻي ويٽي جهار" ـ بکري ـ ڏَڪري.

• **بَگهياڙ:** اسم خاص. موجوده ضلعي ٺٽي ۾ هڪ قديم درياڻي ڦاٽ ۽ موجوده واهه جو نالو. بگهاڙ. ڪلمتي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جو مٿن "بگهياڙ" ڦاٽ ٽي سندن قديم بستين سيبان پيو).

• **بَگهياڙ ج بَگهياڙا(ل):** ذ. بَگهڙ ـ ناهر ـ ڳنرگ.

• **بَگهياڙو ج بَگهياڙا:** ذ. بگهڙن جون رڙيون ۽ اونايون ـ هَل گوڙ ـ ڏمچر. ٻڙڪ ـ مائڙاڻ.

• **بَگهياڙي ج بَگهياڙيُونْ:** ٽ. بگهڙجي مادي. نار ۾ ڪر اينڊڙ هڪ ڪاڻي ـ ٽهڪڻ. زنجير ـ ٽيئر. بگهاڙي. پيڪڙو. (پاڪڙي ۾) لوهه جي جهَلَ. (اسم خاص) تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَگهيڙ ج بَگهيڙ:** ذ. بَگهڙ.

• **بَلَ ج بَلْ:** ذ. [سن. بَلْ] بَلُ ـ طاقت. بهادريءَ جو زور (لس). وڏو ڪندو ـ سيلهه.

• **بَل:** حرف جملو. [ف. بلڪ جو مخفف] بلڪ ـ ليڪن ـ مگر.

• **بِلُ ج بِلْ:** ذ. [انگ. bill] خريداريءَ جي وچور جو ڪاغذ ـ قيمتن جو جنو. حساب ڪتاب جو ڪاغذ. پگهار وغيره جو ڪاغذ (جو بينڪ مان مٽائجي). قانون جو مسودو.

• **بُلُ ج بُلْ:** ذ. ٽيو ـ چال. ٽينگُ ـ بِنڊ. لغڙ ڪي چاڙهڻ لاءِ ڏنل اَڇلَ. ڪينهي جو ٽيڙ. ڪمند جي ڳڙي. وارو ـ وجهه ـ موقعو ـ ٽيڙ. ترغيب. گوهيو.

– **بُل ڏيارڻ:** ٽيو ڏيارڻ. وجهه ڏيارڻ.

– **بُلُ ڏيڻ:** ٽيو ڏيڻ. لغڙ ڪي هوا ۾ اُڇل ڏيڻ. وجهه ڏيڻ ـ موقعو ڏيڻ.

– **بُل ڪارائڻ:** ٽيو ڏيارڻ ـ ٽيڙ ڪارائڻ (بال ڪي).

– **بُل ڪائڻ:** ٽَپ ڏيڻ. لُڇڻ پُڇڻ ـ ڦٽڪڻ ـ بولائيون ڪائڻ. بيقرار ٿيڻ. ڪوشش ڪرڻ.

• **بَلا ج بَلائُنْ:** ٽ. [ع. بلاء] مصيبت ـ آفت ـ آپدا. زحمت ـ تڪليف. ڏک ـ ايذاءِ. ڪاڪ هيبتناڪ شيءِ. جن ـ پوٽ سنهو سَپُ. (صطلاحاً) مادي سپ. (صفت) شرير ـ لچ. چالاڪ. هوشيار. رٻ. نگ. وڏو حريف ـ ترٻناڪ خوفناڪ.

– **بَلا آڏي اُڇي:** مصيبت درپيش اچڻ. رندڪ پوڻ. نقصان پهچڻ. ڪنهن به شيءِ جو وچ مان غائب ٿي وڃڻ. ٽهيل ڪر بگڙي وڃڻ.

– **بَلا اُڇي ڪَرڻ:** شامت پوڻ ـ مصيبت نازل ٿيڻ.

– **بَلا اُنگيز:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. انگيز = اثارينڊڙ] فتنو يا مصيبت اثارينڊڙ.

– **بَلازَدَه:** صفت. [ع. بلا+ف. زده = ماريل] مصيبت جو ماريل.

– **بَلاڪَش:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. ڪش] تڪليف سهندڙ. جاکوڙا ڪيندڙ. ڏکي. ڪمبخت. عاشق ـ مُحِبّ.

– **بَلانوش:** ذ. صفت. گهٽوشراب پيئندڙ. شرابي.

– **بَلائُن کان بچائڻ:** مصيبت کان محفوظ رکڻ ـ آفتن کان امن ڏيڻ.

– **بَلاءِ آسْمانِي**: ث. خدائي مصيبت.
– **بَلاءِ بي دَرْمان**: ث. لاعلاج مصيبت.
– **بَلاءِ جان**: ث. جي، جو جنجال.
– **بَلاءِ ناگهاني**: ث. اوچتي آپدا.
• **بِلا**: حرف جر. [فا. بِه = سان + ع. لا = نہ] کان سواءِ ۽ بغير ۽ سواءِ ڏاران ۽ بِنا.
– **بِلا تاخير**: ظرف. بِنا دير ۽ يڪدم.
– **بِلا تَرْتيب**: ظرف. ترتيب کانسواءِ. بکڙيل.
– **بِلا تَرَدُّد**: ظرف. هڪ کان سواءِ. بي ڏڙڪ.
– **بِلا تَشْبِيه**: ظرف. بيٺ کان سواءِ.
– **بِلا تَكْليف**: ظرف. تڪليف کان سواءِ. آساني، سان.
– **بِلا حُجّت**: ظرف. حُجت يا دليل کان سواءِ. بنا ثابتيءَ جي.
– **بِلا حَرَكَت**: ظرف. جُرڪ کانسواءِ.
– **بِلا دير**: ظرف. ڪنهن بہ دير کان سواءِ ۽ يڪدم.
– **بِلا سبب**: ظرف. سبب کان سواءِ ۽ بي سبب.
– **بِلا شَرْط**: ظرف. شرط کان سواءِ.
– **بِلا شَك**: ظرف. بنا شڪ شبهي جي ۽ بيشڪ. واقعي ۽ يقيني طور.
– **بِلا طَلَب**: ظرف. طلب کانسواءِ. اڻ ڳوليو.
– **بِلا عِوَض**: ظرف. بدلي کان سواءِ.
– **بِلا فاصِلَه**: ظرف. وچوتيءَ بغير. بنا روڪ ساندھ ۽ لاڳيتو.
– **بِلا فائِده**: ظرف. بنا فائدي ۽ اڃايو.
– **بِلا فَرْق**: ظرف. سواءِ ڪنهن فرق جي ۽ بنا امتياز.
– **بِلا قُصور**: ظرف. ڏوهہ کان سواءِ.
– **بِلا مُوجِب**: ظرف. سبب کان سواءِ.
– **بِلا نَصيبه**: ظرف. نصيب کان سواءِ. (صفت) بدبخت ۽ نياڳو.
– **بِلا واسِطه**: ظرف. وسيلي کان سواءِ. پاڻمرادو. بي سبب.
– **بِلا وَجْه**: ظرف. سبب کان سواءِ ۽ ناحق.
• **بُلّا**: ذ. پار کي پيار سان سڏڻ جو لفظ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **بُلّاشاہ**: اسم خاص. پنجابي ۽ ملتاني زبان جو هڪ مشهور صوفي شاعر.
• **بِلاتو ج بِلاتا**: ظرف. بِلاتو ۽ جايائتو ۽ ٽانيڪو ۽ هٿيڪو. سلامت. قابو ۽ سوگهو "جي: آهي آزمودو، رهہ عشق ۾ بِلاتو" (آسو). (ث) بِلاتي ج بِلاتيُون.
• **بِلاد**: ذ. [ع. بَلَد ج بَلاد] شهر ۽ ڳوٺ. مُلڪ.
• **بِلادَتْ**: ث. [ع] موڳائي ۽ ڪند فهمي. بيوقوفي.
• **بَلائي**: ا سر خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. هڪ جت قبيلي جو نالو.
• **بَلاوَ ج بَلاوا (ت)**: ذ. صفت. هوشيار ۽ جالاڪ.
• **بِلاش ث**. [سن. وِلَس (= راند ڪرڻ) > وِلاس = راند روند. خوشي] راند روند. عيش عشرت. "پوڳ بلاس". خوشي ۽ آرام ۽ فرحت ۽ آنند. بي فڪري. مزو ۽ لذت.
– **بِلاس ڪرڻ**: مزا ماڻڻ. عيش ڪرڻ. پوڳ ڪرڻ.
– **بِلاسي ج بِلاسِي**: ذ. صفت. خوشي جيئرو. مزي ڪوڏيو.
• **بَلاسِيا (ت)**: اسم خاص. مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو.
• **بَلاطْ**: ذ. [ع] ميدان. فرش (سرن يا پٿرن جو). بارگاهہ ۽ دربار.
• **بَلاغ**: ذ. صفت. [ع] گهٽو ڳڙڪائيندڙ ۽ ٻيٽوڙي ۽ هاپو.
• **بَلاغ**: ذ. [ع] نياپو ۽ پيغام.
• **بَلاغَتْ**: ث. [ع. بَلَغ = هو پهتو] ڪلام جي سڀني خوبين ۽ معنائن جي پوري ادائگي. خوش رواني. ڪلامي قابليت. خوش بياني ۽ شيرين ڪلامي. ڪلام جون لفظي خواهہ معنوي خوبيون. اعليٰ قسم جي خوش گفتاري سيکارينڈڙ ڪلام ۽ "علمِ بلاغت" (جنهن جون تي شاخون آهن: ۱. علم معاني. ۲. علم بيان. ۳. علم بديع).
• **بَلاغُونْ**: ذ. ڪويت جي وڏ جو ڇوڙو (جنهن مان ناس وجهڻ لاءِ ڏهليون ٺاهين). ناس جي ڏهلي ۽ بَلاڳنون.
• **بَلاقْ ج بَلاق**: ذ. [ف] وڏيءَ سٽڻ جو پانڇو.
• **بِلاڪ ج بِلاڪ**: ذ. [انگ. block] قالب ۽ ڪاربُد ڪنهن لکيت يا نقش جو سانچو. زمين جو ٽڪ. زمين جي مخصوص اراضي (۱۶ ايڪڙ) وارو ٽڪر.
• **بِلاڪِيتْ ج بِلاڪِيتْ**: ذ. [انگ. blanket] ٿلهو اوني ڪپڙو. ڪمبل.
• **بِلالْ**: اسم خاص. [ع] حضور پاڪ جن جي مخلص حبشي اصحابيءَ جو نالو (جو نماز لاءِ بانگ ڏيڻ جي ڪر تي مقرر هوندو هو. جنهن ڪري کيس 'بلال بانگو' به چيو وڃي ٿو). سنڌي شاعر جو نالو (شاهہ عنايت رضوي جو پوٽو. بلال شاهہ بن محمد شريف شاهہ بن شاهہ عنايت. جنهن جا ڪي بيت 'شاهہ جي رسالي' جي چاپي توڙي قلمي نسخن ۾ موجود آهن. "بغدادي. بلال چٽي. رک وڏا شيخ شرم"). "مخدوم بلال" (اصل تلتيءَ جو ويندل هو. وڏو مفسّر ۽ ولي الله جنهن کي شاهہ بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سندس مسجد تلتيءَ ۾ موجود آهي. ۽ سندس

مقبرو 'باغبان' ضلعي دادو ۾ آهي، جتي 'ماهِ پهرئين جمعي' تي وڏو شغل ٿيندو آهي).

• **بِلالُ ج بِلال**: ذ. ڏاندي پکيءَ جو هڪ قسم (بن قسمن جو ٿئي: ۱. تندڙي ۲. ساون کنين ۽ سائيءَ چهنب سان).

• **بِلاوَل**: ذ. "شاهه جي رسالي" ۾ هڪ سُر جو نالو. راڳ جي اصطلاح ۾ هڪ "ٺاٽ" جو نالو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. اسر خاص. مائهوءَ جو نالو.

• **بِلاوَلِي**: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **بِلاوَلِيور**: اسر خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ (تلتيءَ جي پرسان) هڪ ديهه جو نالو.

• **بَلاهَتَ**: ث. [ع] ناداني ـ بيوقوفي.

• **بَلائُو ج بَلائُو**: ذ. ٻارن کي ڊيجارڻ جو هڪ خيالي جانور ـ بائو ـ جيجائو.

• **بِلائِي گُنْدَ**: ذ. [سن. وِداري نَنْدا] پسارکي وکر جو هڪ قسم (جو سنڌن جي سوڄ لاءِ دوا طور ڪم اچي).

• **بَلِي**: ظرف. [ع] هالو.

• **بَلْبُ ج بَلْبَ**: ذ. [انگ. bulb] بجليءَ جي روشني ڏيڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو شيشي جو پورو گولو.

• **بُلْبُل**: ث. بَڪ بَڪ. ڏيک ويک ـ ناهه نوهه. سيٽ ٻتاڪ

• **بُلْبُلِ ج بُلْبُلِيُون**: ث. [ف] هڪ مشهور نندڙو پکي ـ بُـڻبل ـ پوري (بلبل کي سنڌ جي اٺرٽين حصي ۾ ڪن شاعرن مذڪر طور ۽ استعمال ڪيو آهي "اصل کان آهه هي عاقل، اوهان جي باغ جو بُبل" (مولوي محمد عاقل). ميهڙ جي مشهور صحافيءَ شاعر "رئيس شمس الدين" جو تخلص.

– **بُلبلِ چَهْشُرَ**: ذ. جنهن جون اکيون بُلبل جهڙيون هجن. پٽ جو (تپڪن سان) سنهڙو ڪپڙو. تمام سنهون چاربدار ڪپڙو. ڪيس جو هڪ قسم.

– **بُلبلِ شيراز**: ذ. 'شيراز' جي مشهور شاعر 'سعدي' جو لقب.

– **بُلبل مِزاج**: ذ. صفت. ناز ڪندڙ. عاشق جيئڙو.

– **بُلبل نَوا**: ذ. صفت. بلبل جهڙو آواز ڪندڙ. خوش آواز.

• **بُلْبُلو ج بُلْبُلا**: ذ. [سن. بُدْبُدَه] جَر ڦوٽو ـ حُباب (صفت) پياروَ. نخريلو.

ـ **بُلبلو اُٺائِيو** (ث): اُفواهه اُٺارڻ. ناهه ناهڻ. تهمت مڙهڻ ـ الزام ڏرڻ.

• **بِلْبَنْ**: اسر خاص. [ف] غلام گهراڻي جي هڪ بادشاهه جو نالو (جنهن جو نالو 'غياث الدين' هو. جنهن هندستان تي ۱۲٦٤ ع کان ۱۲٦٥ ع تائين حڪومت ڪئي).

• **بُلْٽَ ج بُلْٽَ**: ذ. [انگ. bolt] دروازي بند ڪرڻ جو ڪُندو.

ـ **بُلٽ کي لِيرو اُچڻ**: خيال ۾ تبديل اچڻ. محبت گهٽجڻ.

• **بُلْتاڪَ ج بُلْتاڪ**: ذ. [انگ. bull dog] نندي قد وارو ڪتو. شڪاري ڪتي جو هڪ قسم (مغز وڏو، بدن ٽلهو، منهن موڪرو ۽ قد چوٽو).

ـ **بُلتاڪ بَنجڻ**: بلتاڪ وانگر ڪنهن جي بچ تي ٻڌي سان وڙهڻ. ڪنهن جو خوشامدي بنجڻ. چالاڪ بنجڻ.

• **بَلْخُ**: اسر خاص. [ف] موجوده افغانستان ۾ هڪ قديم تاريخي شهر.

• **بَلخ**: اسر خاص. جوگين سناسين جي آستانن وارو شهر "ڪي هليا بلخ لئي ڪاپڙي، ڪي بخارو بسن" (لطف الله قادري).

• **بَلْدَ ج بَلْدَه**: ذ [سن. بَلِيوَرْدَ] پَڙڏ ـ ڍڳو ـ ڏاند.

• **بَلَدَ، بَلَده**: ذ [ع] شهر ـ وڏو ڳوٺ. [ف] واقف.

ـ **بَلَدِيه**: ث. شهري انتظام جي جماعت ـ ميونسپل.

ـ **بَلَدِيت**: ث. شهريت. شهري حقوق.

• **بُلْدي**: اسر خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو ـ بُليدي.

• **بُلِرَ ج بُلِرَ**: ذ. ٽڪر. ڳُري ـ ڳُري. ڳُند. (صفت) وڏي بُليءَ وارو.

• **بُلَكَ ج بُلَكَ**: ذ. پراڻي شيءِ جو ٽڪر (ل). گيهه. ڪڪ جو اٽو ۽ ڪند ملائي ناهيل ڪاڏو (ڪ). (صفت) ڪُور ـ ٿَڪ (ڪ).

• **بُلُوو ج بُلُوو**: ذ. "بُلو" مان اسر تصغير. نندڙو چوڪرڙو. (ث) بُلڙي ج بُلڙيون.

• **بُلُوو ج بُلُوا**: ذ. نندرو ٻچو ـ ڪير پيءَ ڪ ٻچو (هرٽي، ٻڪري وغيره جو)

• **بُلُوي**: اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش ۽ ولي الله "شاهه عبدالڪريم" جو مقبرو آهي).

• **بُلُوي ج بُلُوِيُون**: ث. صفت. نندڙي (چوڪري). پياري ـ ملڙي.

• **بَلَسانُ**: ذ. [ع] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جي بچ مان خوشبودار تيل نڪرندو آهي).

• **بُلْغارَ ج بُلْغارُون**: ث. [ف. ترڪي] آواز. پرواهه ـ ڇخي "بُلغار ئي ڪاڻ ڪيائين = پرواهه ئي ڪاڻ ڪيائين" (جملو). ڪَل ڪل ـ ساوڪ ـ سبزي "جيئن هت انب آما آمڙيون، ٻيا باغ ڇڳا بلغار" (ڪبير شاهه). خوشبودار ڇمڙو. رُوسي ڇمڙو. رهڙ جي نليءَ وانگر ڇمڙي جو ڏڳهونڙ (چلر يا حقي جو). [اسر خاص] يورپ جو هڪ ملڪ بلگيريا (Bulgaria).

– **بُلغاري**: ث. روسي ڇمڙو. هڪ قسم جي نندي ستار (جنهن کي مضراب يا ڪاجڻ سان وڄائبو آهي).

– **بُلغاري چِلِمَ**: ث. ڏگهي (بلغاري) نڙ سان ڪَلن واري وڏي چلم.

• **بُلغاري حُقّو**: ذ. بلغاري نڙ وارو حُقّو.

• **بُلغاري نَڙ**: ذ. رهڙ جي نليءَ مثل ورن وڪڙن وارو ڏگهو نڙ.

• **بُلغاريه**: اسر خاص. يونان جي اُتر ۾ هڪ شهر ۽ ملڪ جو نالو.

• **بُلْغار، بُلْغاءِ**: اسر خاص. تعلقي نندي الهيار ۾ هڪ تپي. ديهه ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو (جنهن کي هن وقت سلطان آباد چون ٿا).

• **بَلْغَمُ**: ذ. [ع] جئن خِلطن (صَفراءَ، بَلغم، خون ۽ سوداءَ) مان هڪ

خلط جو ٽالو. جاتيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ جارو (جو کانگهاري ڏريمي ٻاهر نڪري) ـ گهاٽو کانگهارو.

– **بَلْغمي ج بَلْغمي:** ذ. صفت. بلغمي مزاج وارو (جو ٿلهي بدن وارو ٿيندو آهي). (کناية) سست ـ کاهل.

• **بَلْف ج بَلْف:** ذ. [انگ. Bulb] بجليءَ تي روشني ڪندڙ شيشي جو گولڙو ـ بلب، روشن گولو (شيشي جو).

• **بِالْفِعْل:** ظرف. ڏسو "بالْفِعْل". حالي ـ في الحال.

• **بَلْقان:** اسم خاص. يورپ جي ڏکڻ اوير ۾ ڪيترل رياستن جو ملڪ (Balkan States).

• **بِلْقِيس:** اسم خاص. [ع] "سبا" ملڪ جي راڻي (جنهن حضرت سليمان سان شادي ڪئي هئي).

• **بَلْڪ:** حرف جملو. [ع. بَل + فه ڪه] پر ـ انهيءَ هوندي، ويتر ـ کان وڌيڪ

• **بَلْڪُل:** ذ. [سن. وَلْڪَلَه] وڻ جو چوڏو. چوڏن مان ٺهيل وَستر (ڪپڙو).

• **بِلْڪُل:** ظرف. ڏسو "بالْڪُل" بنهه ـ سراسر ـ سموري.

• **بَلْڪوڙ ج بَلْڪوڙ (ت):** ذ. صفت. اپرو ـ ڏهرو ـ هيٺو ـ ٽڪل.

• **بِلْمُقْطَعه:** صفت. [ع. بالْمُقاطعه] مقاطعي پٽاندر، بنا حساب جي، دوم شومر ـ اڪو ڏڪو ـ علي الحساب، مفت

• **بُلَنْد ج بُلَنْد:** صفت. [ف. بلند] اٽاهون ـ مٿانهون اعليٰ اُجو، برتر.

– **بُلند اَختر:** صفت. اُوجي ستاري وارو. وڏي طالع وارو.

– **بُلند آشيان:** ذ. صفت. (اُهو پکي) جنهن جو آکيرو تمام مٿي هجي. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند آواز:** ذ. صفت. وڏي آواز وارو.

– **بُلند اِرادَه:** ذ. صفت. وڏي ارادي وارو.

– **بُلند اِقبال:** ذ. صفت. وڏي طاقت وارو. وڏي اثر ۽ رسوخ وارو.

– **بُلند بالا:** ذ. صفت. وڏي قد وارو.

– **بُلند بَخْت:** ذ. صفت. وڏي بخت وارو.

– **بُلند بِين:** ذ. صفت. مٿي ڏسندڙ. روحاني رمزون پروڙيندڙ.

– **بُلند پَرْواز:** صفت. مٿي اڏامندڙ. عالي دماغ. عالي فڪر.

– **بُلند جاه:** صفت. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند حَوصِلَه:** ذ. صفت. وڏي همت وارو. اوجي خيال وارو. فراخ دل ـ سخي. دليير ـ بهادر.

– **بُلند قامت:** ذ. صفت. وڏي قد وارو.

– **بُلند مَرْتَبَه:** ذ. صفت. وڏي شان وارو ـ وڏي عهدي وارو.

– **بُلند مَكان:** ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو.

– **بُلند نظر:** ذ. صفت. وڏي نظر وارو ـ دوراندیش.

– **بُلند نگاه:** ذ. صفت. وڏي نظر وارو ـ دور انديش.

– **بُلند هِمّت:** وڏي همت وارو.

– **بُلَنْدي ج بُلَنْديُون:** ث. اُٽاهين ـ اُجائي. مرتبو ـ وڏائي.

• **بِلَنْگو:** ذ. دوا طور ڪم آيندڙ هڪ قسم جو ٻج.

• **بِلو ج بِلا:** ذ. حيلو ـ اپاءَ ـ تدبير. وسيلو ـ آسرو. بندوبست ـ انتظام. تدارڪ. علاج ـ چارو. مدد ـ واهر ـ همراهي. جاءِ ـ پيٽي ـ ماڳ. ڏس پتو. ڏمو. ليکي جي رقم. ڪٿت جو تفصيل ـ ڏجور. حوالو ـ ثابتي. (صفت) همراهه ـ سائي ـ سائي.

– **بِلو پيٽي ڪرڻ:** حيلو ڪرڻ. بندوبست ڪرڻ.

– **بِلي آڻڻ:** ڪم آڻڻ ـ ڪتب آڻڻ.

– **بِلي ڪرڻ:** حوالي ڪرڻ.

– **بِلي لاڻ لڳائڻ:** ڪم آڻڻ ـ هٿيڪو ڪرڻ.

– **بِلي لڳڻ:** دل سان لڳڻ ـ يادگيري ٻوڙ.

• **بِلو ج بِلو:** صفت. [انگ. blue] نيرو يا آسمائي (رنگ).

• **بِلو:** اسم خاص. مرد جي نالي "بلاول" جو مخفف.

• **بُلو ج بُلا:** ذ. ماءُ ٻُو (پاراٿي ٻولي ۽ ر). مچيءَ جو هڪ قسم (چار سنهڙا. رنگ ميرو. سنهون ڍگهو مُنهن. ۽ پڪڙا. تور اٽڪل اڌ پائي). (اسم خاص) ڪاڇي جو مشهور ڏاڏو مڙس ۽ پهڻوان "بُلو ڪوسو" (بداٿي پاڙي تعلقي سيوهڻ ۽ ر. 'ڪاڇي ڳنيڙاڻ' جي بُلي ۽ تي ويئل، جنهن کي جنگو خان جمالي، جمالين لُنڊن ۽ شاهاٽين جو لشڪر چاڙهي مارايو هو) "بُلو بداٿين ۽ ٽو سورهيه سڏائي".

• **بَلوچ:** اسم خاص. هڪ مشهور قديم نسلي قوم جا اوائل ۾ غالباً قديم ايران يا ايران جي اُتر واري خطي جي رهندڙ هئي. جنهن جي بلوچي زبان ۾ قديم پهلوي يا دَري بولين جي شاخ آهي: آڪاڻي وقت ۾ عراق ۽ عربن جي پاڙيسري بنجڻ سببان منجهن عربن واريون شخصي ۽ قومي خصوصيتون پيدا ٿيون: ٨ـ١٥ صديءَ تائين سجي بلوچستان ۾ سندن آبادين هيون. ١٨ـصدي ڌاري بلوچ قبيلن جي سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ اُتر اولهه پنجاب طرف هجرت ڪئي: هن وقت بلوچن جي اڪثريت مغربي پاڪستان ۾ آهي، اُن بعد بتدريج ايران، افغانستان ۽ روس ۾).

• **بَلوچ ج بَلوچ:** ذ. بلوچستان ملڪ جو رهاڪو. بلوچ قوم جو فرد. (اسم خاص) اصطلاحاً سڀني جو عاشق سردار پنهون "ماڻ جڻي بلوچ، ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو" (شاهه).

– **بَلوچائي:** صفت. بلوچن جي ـ بلوچن واري. بلوچن جهڙي "اڄي آڏيءَ رات، ڪن بلوچائي بات". (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• بلوچ آباد: اسر خاص. ڪل ۽ ڪنڊ ڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• بلوچ خان: اسر خاص. تعلقي ميرپور ماثيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• بِلورُ ج بِلورَ: ذ. [ع. بَلّور، بِلّور، بِلوَر] ٿلهو چمڪندڙ ۽ شفاف شيشو. Crystal). شيشي جي گولي ـ چڌو.
– بِلوريُ ج بِلوريِ: ذ. صفت. بِلور جهڙو چمڪندڙ. بِلور مان ٺهيل.
• بِلوري: اسر خاص تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• بَلوطُ: ذ. [ع] وڻ جو هڪ قسم.
• بُلوغَتُ: ث. [ع. بَلَغَ، بَلوغ = بالغ ٿيڻ] بالغ ٿيڻ واري وهي. سامائجڻ واري حالت. جواني، جي شروعاتت. جواني. بالغي.
• بَلونَ ج بَلونَونْ: ث. [انگ. balloon] اڏند ڪٽولي ـ غبارو ـ رِماڻ.
• بَلْوو ج بَلْوا: ذ. [ف. بلوا] بغاوت. وڳوڙ ـ فساد. شورش. ماراماري، وارو حملو.
• بُلْهُ: ذ. صفت. [ع. اَبْلَهُ] بيوقوف.
• بَلْهَرِيرَ ج بَلْهَرِيرَ: ذ. صفت. [ع. بِلاحذَرْ (؟) < بِلا = سواءِ + حَذَر = ڊپ] بي ڊپو. بيحياءَ ـ بيشرم ـ اڻاسو. بدفضيلت. خبيث ـ نَحْسُ ـ پليت. بدمعاش ـ رهزن ـ شرير. چور. ظالم ـ خنزير.
• بِلَيڪ: صفت. [انگ. black] ڪارو ـ سياهه.
– بِلَيڪ آئوٽْ: ث. [black out] وڏي پيماني تي بتين وسائڻ واري حالت. اونداهي ـ اندوڪار. خبرن جي اشاعت بند ڪري ڇڏڻ واري حالت.
– بِلَيڪ بوڙدُ: ذ. [blackboard] اسڪول ۾ لکڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪارو تختو.
– بِلَيڪ ڪَرڻ: ڪارو ڪرڻ. چور بازاري ڪرڻ. وڌيڪ اڳهه تي وڪڻڻ.
– بِلَيڪ مارڪيٽْ: ث. رواجي اڳهه کان مٿي وڪرو ـ چور بازاري.
• بَلَڏُشُ ج بَلَڏُشَ: ذ. صفت. وحشي ـ جهنگلي. اَڻ سڌريل ـ جٽ. ڪنو ـ گندو.
• بَلي: حرف ندا. [ع. بَلىٰ: ف. بَلي = هائو] واهه ـ خوب!. (ذ) ٻئي تي توڪ جو لفظ. عجب جي اظهار جو لفظ ـ مار!.
– بَلي بَلي: حرف ندا. واهه واهه! شاهڪار! ـ شاندار!.
– بَلي هُجنْ: وڏي، پهچ وارو هجڻ. متڪبّر هجڻ.
– بلي يائي هجنْ: وڏي رسائي ۾ رهائي هجڻ. عام مقبوليت هجڻ.
• بُلْيِ ج بُلْيُونْ: ث. ڪمند جي ڇڙي ـ ڪڙي. اڳر جي تن حصن مان هڪ حصو ـ ڏوڏو. ڪَڏ ـ ٽپو (ت). (صفت) پياري ـ مِٺڙي. لَڏڻ ـ مِٺڻ.
– بَلي ڏيڻ (ت): خراب صلاح ڏيڻ ـ بدراهه ڪرڻ ـ برغلائڻ. ڦندائڻ ـ آيارڻ ـ هُٿي ڏيڻ.
• بِليخَمُ: صفت. ڪڪ ـ عاجز ـ ٽڪل.
– بِليخمر ٿيڻ: ڪجي پوڻ. ڪڪ ٿيڻ.
• بُلِيدي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (اصل ۾ بَلدِيه (مڪران) کان آيل).
• بِلِيئَرْدُ: ذ. [انگ. billiard] ولائتي راند جو هڪ قسم (جا ڪاٺ جي چورس تختي تي گول سارين سان کيڏندا آهن).
• بَلِيغُ: ذ. صفت. [ع] پاڪيزه ڪلام وارو. ادبي زبان جو ماهر. خوش بيان. ماهر ـ هوشيار.
– بَلِيغانهُ: ظرف. بَليغ نموني ۾.
• بِليسَ ج بِليسُونْ: ث. [ف. بالشْت] ڪليل هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺي جي وچوارو مفاصلو ـ گرانٽ.
• بَمرُ ج بَمَرَ: ذ. [سن. وَمْر] ڦڙين (جوگين) جو نعرو "بم بم مهاديو!". [ف. بَمْر. بمّر] ڏهل. ڏڪڻ. پکواز يا نغاري جو نَرُ (گرو) پاسو (جنهن تي هٿ يا ڏڪ هٿ سان وڏو ۽ گرو آواز نڪري). راڳ يا ساز جو ٿلهو ۽ اُجو آواز ـ "زير" جو ضد. بناڪ ـ لاف. ڏنڀ ـ ڳلٿو ـ گشو ـ دم. خاموشي ـ ماٺ ـ چپ. رعب ـ تاب ـ داب. گهوڙي گاڏيءَ جي هڪ ڪاني (اها ڏڳهي ڪاني، جنهن ۾ گهوڙو ٻڌجي) ـ پول. [انگ. bomb] بارود جو ناس ڪندڙ گولو ـ بم گولو.
– بَمبارُ ج بَمْبارَ: ذ. صفت. بم گولا اُڇلائيندڙ. دلبو ڏيندڙ ـ ٽڳ.
– بَمْباري: ث. گولن جو وسڪارو ـ گولا بازي.
– بَر بَكيڙو ج بَر بَكيڙا: ذ. تجمّل ـ ٺاٺ. وڏو بندوبست. هُل جهيڙو.
– بَر بَكيڙو ڪرڻ: تجمّل ڪرڻ. وڏو بندوبست ڪرڻ. گوڙ گهمسان ڪرڻ. هُل جهيڙو ڪرڻ.
– بَر بَڏنْ: ڪوڙا دم ڏلاسا ڏيڻ ـ ڏنا ڏيڻ. رعب ويهارڻ ـ اُجايو دهمان ڪرڻ. آڪڙ ۽ سيٽ ڏيکارڻ.
– بَر جهلڻ: دم جهلڻ صبر ڪرڻ. مڪر ڪرڻ ـ دٽ هٽڻ.
– بَمبرُ ج بَمبرَ: ذ. صفت. ڏنئي ـ بناڪي. ڳلٿو ٻڌندڙ.
– بَر رڪڻ: رعب رکڻ. دٻدٻو ڏيکارڻ. وڏائي ڪرڻ.
– بَر ڦٽا ڪَرڻ: ڪوڙ ڳالهائڻ ـ ڪوڙ هڻڻ. بناڪون هڻڻ ـ ڦٽاڪا چوڙڻ. افواهه اُڏارڻ. بم گولا اُڇلائڻ.
– بَر گولو ج بَر گولا: ذ. بارود جو گولو ـ گولو.
– بَر گولو چوڙڻ، هڻڻ: بارود جو گولو اُڇلائڻ. وڏو ڪوڙ هڻڻ ـ افواهه اُڏارڻ.
• بَمائڻُ: مصدر. ڪا شيءِ گم ڪرڻ. چوري ڪرڻ. ڏاڍيان ڏڪ هڻڻ (ل). (بمايو ـ بمائيندو ـ بمايل).
• بَر باڪسُ: ذ. وڻ جو هڪ قسم.

• **بَمْبَلُ ج بَمْبَلُونْ (ک)**: ٹ. مڇي، جو هڪ قسم.
• **بَمْبُو ج بَمْبُو**: ذ. [انگ. Bamboo = بانس جو لڪڙ] ٽيليفون يا تار جو پورو لوهي ٿنبو.
• **بَمْبَئِي**: اسم خاص. هندستان جو هڪ مشهور شهر ۽ بندرگاهه. (ٹ) مڇي، جو هڪ قسم (ک).
• **بَمْبَجُ**: مصدر "بَمڀ" مان فعل مجهول. هوا سان پرجڻ ـ ڦوڪجڻ. ڏنجڻ ـ پرجڻ. آڦري پوڻ. سيڙجڻ ـ آڪرجڻ. (بمبو ـ بمبو ـ بميل).
• **بَمْرا**: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾).
• **بَمْرِيو ج بَمْرِيا**: ذ. صفت. مات ۾ ـ خاموش "ڪنهن جنهن کي ڪيپ خمارِيا. بَمريا پوڻن" (گرهوڙي).
• **بَمڙيو ج بَمڙيا**: ذ. صفت. بَمر ۾ پريو ـ ڦاڙيو.
• **بَمَعْ**: ظرف. [فـ به = ساڻ + ع. مع] گڏ ـ ساڻ ـ سميت ـ سوڏو.
– **بَمع عيال**: ظرف. عيال سان گڏ ـ ٻارن ٻچن ساڻ.
• **بَمي**: ذ. صفت. بَمر ـ ٻناکي.
• **بَنْ ج بَنْ**: ذ. [سن. وَنَ] جهنگل ـ ٻيلو. بيابان ـ ويراني. [مصدر. بنجڻ. بنائڻ] ناهه ـ سينگار ـ آراستگي. [انگ. bun] مني ڊبل روٽي، جو هڪ قسم. سخت پٿريلي زمين (جاکوهه کوٽيندي ظاهر ٿئي) (ک). پٿر جو هڪ قسم جنهن مان ٽوپي ٺهي (ک). کل جي مٽيئن پاسي وارو سنهون پردو (ٹ). (اسم خاص) دادو ضلعي ۾ هڪ ڪڙ جو نالو (هن ڪڙ تي اهو نالو انهي، ڪري پيو آهي جو اُتي ٽوبين جهڙا پٿر آهن جن تي جابلو ماڻهو ماني پچائيندا آهن).
– **بَن اُجهڻ**: جهنگ ۾ اڃڻ. کوهه کوٽيندي هيٺان پٿرا اڃڻ.
– **بَن بَنائڻ**: وڏا بندوبست يا انتظام رکڻ. محفلون سينگارڻ. کا عجب تجويز رٿڻ.
– **بَنْ بَنْ**: ذ. جهر جهنگ. هار سينگار.
– **بَن مالاءُ**: ٹ. جهنگلي گلن ڦلن ۽ تُلسيءَ جو هار (جو پيرن تائين ڊگهو هجي).
– **بَنْ بَڙ ج بَنْ بَڙَ**: ذ. صفت. جهنگ ۾ گذاريندڙ ـ وحشي جهنگلي جانور.
• **بَن چوڏو**: ذ. وڻ جو چوڏو يعني مساڳ "ڪاٺ سنوارت، ٻيني رب، بن چوڏو بازار".
– **بَن ديوتا**: ٹ. جهنگل جي ديوي.
– **بَنَراهَ ج بَنَراهُونْ**: ٹ. [سن. وَنَ + راجي] وٺراهه ـ وڻڪار. نباتات ـ اوڀر.
– **بَن مانُسَ**: ذ. [سن. وَنَ مانُش] هڪ قسم جو جهنگلي جانور (جو ڪجهه ماڻهوءَ جهڙو ۽ ڪجهه پولڙي جهڙو ٿيندو آهي).
– **بَنواسَ ج بَنواسَ**: ذ. صفت [سن. وَنَ + واسَ] جهنگل ۾ واسو يا گذر. جهنگل ۾ رهندڙ ـ جهنگلي. دنيا جو تياڳ. جلاوطني ـ ملڪ نه ڪالي. ورني ڪان خارج ٻڌ. برهمڻ جي حياتيءَ جو هڪ درجو.
– **بَنواسِي ج بَنواسِي**: ذ. صفت. جهنگ وسائيندڙ. تارڪ الدنيا ـ تياڳي. جلاوطن. اُهو برهمڻ جنهن حياتيءَ جا پهريان ٽي دور (وڏيار ٽي. برهمچاري ۽ گرهستي) گذاري دنيا کي تياڳ ڪيو هجي ـ سنياسي.
• **بِنْ**: ظرف. [سن. وِنا] بنا ـ سواءِ. بغير ـ ڌاران ـ ڪانسواءِ.
• **بِنْ**: ذ. [ع. "اِبْن" جو مخفف] پٽ ـ ولد ـ اِبْن.
• **بَنْ**: ذ. بسارڪي وکر جو هڪ قسم (ع. حبة خضراء [. شاه بَن]).
• **بِنا، بِنانْ**: ظرف. [سن. وِنا] سواءِ ـ بغير ـ ڌاران ـ بِن.
– **بِنانْ شرح وارنڊ نِکرڻ**: ڪورٽ طرفان ضامن وڃڻ کان سواءِ گرفتاريءَ جو حڪم نامو جاري ٿيڻ.
– **بِنان لُغام گهُمڻ**: سواءِ پابنديءَ يا بندش جي هلڻ. ڇوڙاڳ هلڻ.
• **بِنا ج بِنائُونْ**: ٹ. [ع. بِناءٌ] بنياد ـ ٻيڙهه ـ پاڙ. شروعات. اڏيل جاءِ ـ اڏاوت ـ عمارت. سبب ـ وَجهه.
– **بِنا بَرِينْ**: ظرف. [ع. بِنا + فـ. بَر + اِين] انهيءَ ڳالهه جي بناءِ يا مدار تي. انهيءَ ڪري.
– **بِنا بَنائڻ**: ٻيڙهه ٻڌڻ. پايو وجهڻ. عمارت ناهڻ.
• **بَناتْ ج بَناتُونْ**: ٹ. [فـ. بانات] اوني ڪپڙي جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم "موزا ملوڪن جا. پَريا بخمل بَناتُن" (ولي محمد رونجهو).
– **بَناتي ج بَناتي**: ذ. صفت. بَنات جو.
• **بَنات**: ٹ. [ع. بِنْتٌ ج بَنات] ڌِيُون ـ ڌِيئر ـ نياڻيون.
– **بَناتُ النَّعْش**: ٹ. اُتر قطب تاري جي چوڌاري ڦرندڙ ستن تارن واري ميڙ (کَتَ. دُبّ اڪبر) جا پڇاڙيءَ وارا ٽي تارا.
• **بنارس**: اسم خاص. هندستان جو هڪ مشهور شهر ۽ هندن جو وڏو تيرٿ ڪاشي.
• **بَنارُ**: مصدر. گوشت کي رڌڻ لاءِ ٻوٽيون ڪرڻ. (بناريو ـ بنارينڊو ـ بناريل).
• **بِناسُ**: ٹ. [سن. وِناش] تباهي ـ بربادي ـ فنا.
• **بَناسْپَتي**: ذ. [سن. وَنَسْپَتَر = وڻن جا پن] جهنگل ڦل ـ گاهه (جنهن جو گُنڊ ڪان سواءِ ڦل ٿئي). سبزيءَ مان نهيل گيهه (vegetable oil).
• **بَناوَتْ ج بَناوَتُونْ**: ث. [ع. بَنْيٌ. يِبْني = اَڏڻ] اڏاوت ـ ساخت ـ

گهاڙيتو. جوڙ جڪ ـ ماندڻ. ڏول ـ بيهڪ. ظاهري نمائش ـ ڏيکاءَ. ملاوت ـ آميزش. ڪوڙ. بهاتو.

– بَناوتي ج بَناوتي: ذ. صفت. جوڙتو. ملاوتي ـ گاڏڙ

• بِناهَ: مث [ع. بِناء] پيڙهه ـ بنياد. سِتاءَ ـ نمونو.

• بَناهو ج بَناها (ث): ذ. [سن. وِواهه = وهاڻ. پرڻو] گهوت ڪنوار کي شاديءِ وقت يا بعد ۾ ڏنل مٺائي وغيره ـ مُوڙو.

• بِناءِ ج بِناڻُون: مث [ع. بِناء] بنياد ـ پيڙهه. اڏاوت. عمارت. پاڙ ـ جڙ. سبب ـ وجه.

• بَنائِيءُ: مصدر. [ع. بَنَيٰ ـ يَبني = بنائِ] رٿڻ ـ سِٽڻ. ناهڻ ـ جوڙڻ. اڏڻ. مندڻ. سينگارڻ. (بنايو ـ بنائيندو ـ بنايل).

– بَناءُ ج بَناءَ: ذ. سِتاءِ ـ ماندڻ. جوڙجڪ.

• بِنْبَ ج بِنْبُون: مث آرسي ـ درسني ـ آئينو.

• بَنْبالَ ج بَنْبال: ذ. [ع. وَبالَ] وبال ـ مصيبت ـ جنجال. بِتَ ـ هجا ـ بابِ "باب وسايو پاڻ تي. بابيءِ جو بَنبال" (حفيظ).

• بَنْبَسُ (ڪ): ذ ڏيڪ ـ نَٽُ. پيڪو. بار.

• بَنْبَلُ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾).

• بَنْبَلَ ج بَنْبَلون (ت): مث آڇي ٻچ واري مينهن.

• بَنْبِلي ج بَنْبِلُون (ث): خواري ـ رسوائي. نندڙو ٽڪندو جهندو.

• بَنْبِلي: اسم خاص. تعلقي ميرپر ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَنْبَڙُ: (مذ ل): صفت. ٿُلهو ـ متارو.

• بَنْبُو ج بَنْبُو: ذ. [انگ. bamboo=] بانس. بانس جو ڊگهو لڙهو] تار جو ٽنيو. لوهه جو ڇهنبياروءِ سوراخدار سُوئو (جو ڳوڙ ۾ هٿي اناج جا ڪجهه داڻا باهر ڪڍي جنس ڏسجي).

• بَنْها: ذ. جمع ۾ ڪر ايندڙ لفظ. گهاٽا. ڪاراءِ گهنديدار وار.

• بَنْهَ ج بَنْهَ (ل): ذ. منجُ. پَنيت ـ پيڙ.

– بَنهه پِرڻ: مج برڻ. باهه برڻ. فساد برپا ٿيڻ. معاملو وڌي وڃڻ.

• بِنهِ (ت): ث. رڻ.

• بِنْهِرکو ج بِنْهِرکا: ذ. پرهه ڦٽيءِ جو وقت (ذرا اونداهيءِ واري) ـ پِنهِرکو.

• بِنْهِي ج بِنْهِرُون (ل): مث ڏسو "بَنهِيري".

• بَنْهِ ج بَنْها (ل): ذ. ڪَڪي ـ ڳاڙهي رنگ جي وارن واري ماڻهو. سهڻو ـ محبوب "ميڙئين مون ڏٺي. بنيا يار بنهِر ۾" (نامعلوم). (مث بَنْهِي ج بَنْهِيُون). (صفت) ڪارو. زال جو مڙس ـ زن مريد. (اسم خاص) مرد توڙي عورت جو نالو "جام بنهِو". "مائي بنهِو".

– بَنهِ جوڙو: ذ. گهاٽا گهنديدار ڪارا وار.

• بِنْهِر ج بِنْها: ذ. لاڳاپو ـ تعلق ـ آسانگو "بِنيا هن بنهِر جا. نيٽي وسائينءِ ڪَ" (منتار).

• بِنْهِري، بَنْهِوري ج بِنْهِريُون (ل): مث جيت جو هڪ قسم ـ پِنهِوري. ٻيرجي سَڪل پاڙي مان ٺهيل قِرٽي (جا هوا تي ڦرندي آهي).

– بَنهِوري ٽِين: ڪڙو پِچي وڃڻ.

• بَنْهِول ج بَنْهِولُون: ث. [سن. وِپُرمْ] حيراني ـ پريشاني ـ پِنْهِول.

• بَنْهِي ج بَنْهِيُون: مث ڪڪي اک. ڏسو "بَنْهِي".

• بَنْهَ: مث بڌت ـ ناهه ـ سار ـ سلوڪ

• بِنْهَ: مث. [ع] ذيءِ ـ نياڻي.

– بِنْتُ العِنَب: مث [ع. لفظي معنيٰ انگور جي ذيءِ] شرابه

• بَنْها: ث. ونيـ ڪنوار. جوءِ ـ زال. (صفت) لڏڻ ـ نازنين.

• بَنْهَ: مث [ع] پنگ.

• بَنْهَرَ: مث [سن. بَنْدَيا = ويران. سَنْد] غيرآباد زمين. نوبتي زمين.

• بَنْهَڻُ: فعل مجهول. [بَنَيٰ. يَبْني] ٺهڻ ـ بڌجڻ. (بنيو ـ بنجندو ـ بنيل).

• بِنْهَڻُ: ج بِنْهَڻُ (ل): ذ. [سن. پَكْشمَن] اک جا وار ـ پِنهِڻي.

• بَنْهِو ج بَنْهِهُو: ذ. مٽي. ڪيڙيل ٻنيءِ جي رُڙ واري مٽي.

– بَنْهِهو پِرائِل: پوک کي پهريون پاڻي ڏيڻ.

– بَنْهِهُو تي آڻِڻ هُجڻ: پوک کي پهرئين پاڻيءِ جي گهرج ٿيڻ.

• بَنْهِي، بَنْهِي ج بَنْهِيُون، بَنْهِيُون: مث [فـ بَرْهي] بڌجي ـ نندو پاڙو ـ نيزو.

• بَنْهُ ج بَنْهَ: ذ. [سن. بَنْدَ = بَڌڻ. فـ. بَسْتَن. بَنديدن = بَڌڻ] بندڻ يا بند ڪرڻ جي حالت ـ بَنْدَ ـ بَڌَ. روڪ ـ جهل ـ آڏڪ. قيد ـ جيل "جي ڪر لڏائون. ته بنديءِ بند نه ساريو" (شاهه). منع ـ بندش. پاڻيءِ جي آئل جي بچاءِ کان مٽيءِ يا پٿرن جو بَنْد. پوک جو وڏو پنو ـ ڪَرَ. گوش جي مشڪ ـ بَنْدي. سَنْدَ ـ عضو. گاهه يا ڪاڻ جو گڏو. ڪنهن بـ اوزار جو مُنيو. سنار جو ڪڙو (جنهن ۾ تارون بڌندا آهن). زنجير جو ڪڙو. هٿڪڙي. گهوڙي يا ڪتي جو اثرائتو چڪ. شعر جي هڪ مصرع. راڳ جو ٽڪ. نظر جو هڪ حصو. ملهه جو هڪ داءُ. (اسم جي پنيان اچي فاعل جو ڪر ڏيندڙ) بَڌندڙ "جلد بند. ازاربند. وغيره". (ظرف) بَڌل ـ بند ٽيل ـ پڪڙيل. قابو ـ سوگهو. گرفتار ـ اسير.

– بَندباز: ذ. صفت. بازيگر. رسيءِ تي نچندڙ.

– بَند بَند پِڪڙ وڻڻ: وائي سَور جو عضوي عضوي ڪي وٺڻ. ڇوڪيو بڌڻ.

– بَند بَڌڻ: پاڻيءِ ڪي روڪڻ لاءِ وڏو بنو ڏيڻ. ڪَنهندي ڳالهه ڪرڻ. صلاح ڪرڻ.

– **بَنْدخانو ج بَنْد خانا:** ذ. بنديخانو ـ قيد.
– **بَنْدراهو:** ذ. قيد. بندش.
– **بَنْد كرڻ:** پُورڻ. روڪڻ. بندڻ. قيد ڪرڻ. بَڌڻ.
– **بَنْد گيرُ ج بَنْد گيرَ:** ذ. صفت. باندي ـ قيدي.
– **بَنْد ۾ پوڻ:** قيد ۾ پوڻ.
– **بَنْديخانو ج بَنْديخانا:** ذ قيدخانو ـ جيل خانو.
– **بَنْدي وان، بَنْدي وانُ:** ذ. صفت. قيدي ـ باندي.
• **بَنْدُ:** ث. ڏسو "بَونْدُ".
• **بَنْدائڻ، بَنْدائِڻُ:** مصدر. جهنجهوڙڻ ـ ڏاندولڻ. (ڪناية) گلا ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. (بندائيو ـ بندائيندو ـ بندائيل).
• **بَنْدَ بَسْتَ:** ذ. [ف] بندوبست.
• **بَنْد پُرانِ:** اسم خاص. تعلقي جيسس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو (قديم "پُرانَ" درياءَ جي بند واري ايراضي).
• **بَنْد جاني:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْدِجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجهول. بڌجڻ. روڪجڻ. جهلجڻ. بند ٿيڻ. قيد ٿيڻ. (بنديو ـ بنديو ـ بنديل).
• **بَنْدَرَ ج بَنْدَرُ:** ذ. [ف] درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي جهاز، ٻيڙين وغيره جي بيهڻ ۽ ماڻهن، مال وغيره جي لهڻ چڙهڻ جي جاءِ. درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري وارو شهر. ٻيڙين جي سڙهه بَڌڻ جون رسيون. [هـ] باندر ـ پولرُو.
– **بندر ڪرڻ:** جهاز يا ٻيڙيءَ جو بندر تي اچي بيهڻ.
– **بَندر گاهَ ج بَندر گاهَ:** ذ. بندر ڪرڻ جي جاءِ.
• **بَنْدُرَ:** ث. نندي آهَرَ. آهرن جي قطار (جنهن ۾ گهٽا آهرا هجن ۽ هڪ ئي وقت گهٽا جانور قطار ۾ بيهي چارو کائي سگهن).
– **بَنْدُرَ چرڻ:** ويهي پلجڻ. بنا تڪليف سيکڻ. (ڪاڏو) ملڻ.
• **بندرابي:** ث. دهل جي وڄت جو هڪ قسم.
• **بَنْدرابَنَ:** اسم خاص. هندستان ۾ هڪ بن يا جهنگل (جنهن ۾ ڪرشن مهراج بالپڻ جو رمانو گذاريو) ـ برندابن.
• **بَنْدرو ج بَنْدرا:** ذ. صفت. [سن. واصَ] قد جو نندو ـ چوٽي قد وارو. (ث) بندري ج بندريون.
• **بَنْدِرُو ج بَنْدِرا:** ذ. "بَنْد" مان اسم تصغير. نندڙو بند. گهٽ جو هڪ قسم ـ پير مَندي (جنهن تي اڪثري ميناڪاريءَ جو ڪم هوندو آهي).
– **بَنْدِرائِي ج بَنْدِرائِي:** ذ. صفت. بندرا جوڙيندڙ ـ بندرا وڪڻندڙ.
• **بَنْدِش ج بَندشُونْ:** ث. [ف] روڪ ـ جهل ـ پل ـ منع. جملي ۾ لفظن جي بيهڪ.
– **بندشي:** ذ. صفت. بندش وارو. بندش هيٺ آيل.

• **بَنْدِ كُرُ ج بَنْدِ كُرا:** ذ. صفت [سن. واصَ] بندرو ـ جامڙو.
• **بَنْد كُوراڻ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْدگي ج بَنْدگيُون:** ث. [ف] ٻانهپ. عبادت ـ پوڄا. طاعت. عجز ـ نياز. آداب. سلام جو هڪ لفظ.
– **بَندگي ڪرڻ:** عبادت ڪرڻ. ٻانهپ جا فرض بجا آڻڻ.
• **بَنْدَڻُ، بَنْدِڻُ:** مصدر. [ف. بَسْتَن = بَڌڻ. سن. بَنْدَن = بَڌڻ] بند ڪرڻ. روڪڻ ـ جهلڻ. آڏ ڏيڻ. بڌڻ ـ قابو ڪرڻ ـ سوگهو ڪرڻ. پورڻ. قيد ڪرڻ ـ گرفتار ڪرڻ. (بندين ـ بنديندو ـ بنديل).
– **بَندائڻ:** مصدر. "بندڻ" مان متعدي بالواسطه. بڌائڻ. قيد ڪرائڻ. پڪڙائڻ.
– **بَندجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجهول. بڌجڻ. جهلجڻ. روڪجڻ. گهوڙي وغيره سَواريءَ جي وهت جو بيمار ٿيڻ. ڪُڙڻ. لڳ جڙهي پوڻ.
• **بَنْدو ج بَنْدا:** ذ صفت. [ف. بَنْده] ٻانهو ـ گولو ـ غلام ـ نوڪر ـ ٻيلي. انسان ـ آدمي. (ث). بَنْدي ج بَنْديُون.
• **بَنْد واري:** اسم خاص. ميرپور ماٿيلي ۽ ڊگهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **بَنْدوبَسْتَ ج بَنْدوبَسْتَ:** ذ. [ف] ترتيب ـ جوڙ جڪ ـ ناهه نوهه ـ انتظام.
• **بَنْدُوق ج بَنْدوقُونْ:** ث. [ترڪي. فـ بُندوق] هٿيار جو هڪ قسم (جنهن ۾ بارود ۽ گوليون يا ڪارتوس وڌي چوڙجن) ـ تفنگ.
– **بَنْدوقچي ج بَنْدوقچِي:** ذ. صفت. بندوق هلائيندڙ ـ بندوق بردار ـ تفنگچي.
– **بَنْدوقچي ج بَنْدوقچِيُون:** ث. نندڙي بندوق.
• **بَنْدول ج بَنْدولُونْ:** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو. درياهي ٻيڙيءَ جي "واڙ" ـ ٻانهين. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي مٿان سطح واريءَ جاءِ جو پاڇو ـ "ڊڪ" جي ٽيڪ واري جاءِ.
• **بَنْده ج بَنْدگان:** ذ. [ف] ٻانهو ـ غلام ـ بندو ـ نوڪر.
– **بَنده پَرْوَرْ:** ذ. صفت. ٻانهن جي پرورش ڪندڙ. خاوند.
– **بَنْده زادَهْ:** ذ. ٻانهي جو پٽ.
– **بَنْده نَوازْ ج بَنده نَوازْ:** ذ. صفت. بندن تي مهرباني ڪندڙ. مهربان. (اسم خاص) خواجه معين الدين چشتي رحـ اجميريءَ جو لقب.
• **بَنْدي ج بَنْديُونْ:** ث. [ف] قيد. ڪتائڻ ـ جويڙي ـ نندڙو نوٽبڪ. ٻڪي جوڪي جو ڪتاب ـ وهي. بَنيان. ڪُلهي ۽ ڪرائيءَ ۾ سوڻ طور (صفر پوئينءَ اربع تي) بَڌڻ جو ريشمي يا سوتي ڪارو ڏاڪو ـ

رکڻ. تاجيءَ جي تندن کي سلسليوار بيهارڻ جي تند ڪَتي جي ڳڇيءَ جو پتو. جملي جي پٽي (جا ڇت وارو ميز بحر جيلهه ۾ بڌندو آهي) اسر جي پڇاڙي (هنر يا ڪسب ڏيکارينڊ). "جلد بندي، سيج بندي وغيره". بانهي ـ نوڪرياڻي. قيدياڻي ـ بندياڻي.

ـ بَندياڻي ج بَندياڻيون: ث. قيدياڻي "خفائو هَت ٽيو آ هت بندياڻي" (شاهه).

– بَندي ڪرڻ: قيدي بنائڻ. پرتاميل ڪيڻ.

– بَندي موڪ ڪرڻ (ث): بس ڪرڻ. ڪ ٽيڻ. حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ.

– بَندِيون پَٽڻ: وهيون جانچڻ. ڦورو ڦولهڻ. عيب اگهاڑڻ.

• بَندي: ث. ڳهوڙن جي هڪ بيماري (جيڪا گهٽي پنڊ ڏيڻ کان پوءِ گهمائڻ کانسواءِ بيهارڻ يا يڪدم پائي پيارڻ سان ٿئي).

• بُنْدي: ث. ڏسو "بُوندي".

• بَنْديچا: اسر خاص. 'جوڪين' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• بَنْدي مالْرُمْ: ذ. [سن. وَنْدي ماتُرُمْ = آءٌ پنهنجيءَ ماءَ کي پوڄيان ٿو] ڌرتيءَ ماتا جي پوڄا ڪرڻ وقت هندن جو هڪ گيت. هندستان ۽ برطانيه جي حڪومت وقت آزاديءَ خاطر ٻنايل هڪ ملڪي ترانو.

• بَنْدَ: ظرف. پَڏل ـ مقرر "اِي حڪمائين هاڏقين ٿوُ سپنين بَندَ" (لطف الله قادري).

• بُنْدْ ج بُنْدَ: ذ. ڪاڻ جو ٿلهو ٽڪر. وڏ جو ٽُر (جنهن کي تاريون نه هجن). ٿلهو سُڪل ڪاڻ. ٿلهر (ماڻهو). (صفت) بخيل ٻي چيو. ڪند ڏهن.

– بُنْدانْ بُنْدَ: ذ. صفت. چڙو چاند ـ ڪنوارو. ٿلهو متارو.

– بَندِ بَندائِي: صفت. تمام ٿلهو "بَندِ بَندائي قيصر نظاماڻي" (چوٽي). چڙوچاند. بيپرواهه ـ لاغرض.

– بَندِ بَڏن: گرو مَلهه بڏن.

– بَندِ تي ڦُوسِي (ث): محاورو. بيواهو. هيٺو ـ ضعيف ـ ڪمزور ـ بي پهچ.

– بَندِ تي پاڃاري (ث): محاورو. پڪو آسرو. بيپرواهه.

– بَندِ ٽي بهيڻ: ڪپ ڪوڙي بيهڻ. مات ڪري موڪو ٽي بيهڻ. سوال جو جواب نه ڏيڻ.

– بَندِ ٽيڻ: ٿلهو ٽيڻ ـ مڃڻ.

– بَندِ ڀَڃائِڻ: ڪنهن ڪم کان بيزار وجڻ. ونڇون وجڻ. جند ڇڏائڻ. پڃڻ. ويجهر نه وجڻ. اصل نه مڃڻ. سخت وجڻ.

– بَندِ ڏارڻ (ڪ): ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ. ٻتاڪ هڻڻ ـ لاڪ هڻڻ. گلا ڪرڻ.

– بَندِ ڪياڻي: ث. ناجائز معاوضو ـ رشوت.

– بَندِ لَنگهائِڻ: زوريءَ ڪم وٺڻ. ڏکيو ۽ گهٽو ڪم ڪرائڻ.

– بَندِن تي پَٽڪو بَڌڻ (ت): اچائي داڙ هڻڻ.

– بَندِ وڃائِڻ: پاڙ پٽڻ. نيست نابود ڪرڻ. گم ڪرڻ.

– بَندِ وڃڻ: بنياد پٽجڻ. ناس ٿيڻ. گم ٿيڻ.

– بَڌ هُڻڻ: چڙوچاند هڻڻ. بي اولاد هڻڻ.

• بُنْدِي ج بُنْدِيُونْ: ث. ٽلهي ڪاڻ. هرندڙ ڪاڻ. اُماڙي. (صفت) ٽلهو (ماڻهو). ڪاروڙ (ماڻهو).

– بُنْدِي اُڇَڻ: (گاڻ) جيڪي ڪرڻو اٿئي سو ڪرڻ.

– بُنْدِي ڏيڻ: اُماڙي ڏيڻ. خار ڏيڻ.

– بُنْدِي ڪيڻ: پاڙ پٽڻ ـ صفا ختم ڪرڻ.

• بُنْدِ ناري: اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَنْدَڪ: اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.

• بَنْدَلْ ج بَنْدَلْ: ذ. [انگ. bundle] ٿهو ـ بَستو.

– بَندل هڻڻ: گشا هڻڻ ـ ڏتا ڏيڻ.

• بُنْدو ج بُنْدا: ذ. صفت. مُڏو. موڇو. ڪند ڦهر.

• بَنْراج ج بَنْراج: ذ. [سن. وَنَراجَ < وَنَ = جهنگ + راج + بادشاهه] جهنگل جو راجا ـ شينهن.

• بَنْراوَ: ذ. جهنگل جو بادشاهه ـ شينهن "جنهن کيو بانْوَليو بَنراوَ کي. چانَڪَ لائي جِينْ" (سائيندادا).

• بَنْرو، بَنْرُو ج بَنْرا: ذ. [بَنو مان اسر تصغير] گهوٽ ـ وَنو ـ لاڏو "ميندي لائين بَنرا. سيج ماڻين سَنرا" (سهرو). (ث) بَنْري ج بَنْريُونْ.

• بَنْس: ث. هڪ راڳڻي، جو نالو.

• بَنْسَ ج بَنْس: ذ. [سن. وَنْش = بانس] بانْس (وڻ). خاندان ـ گهراڻو. نسل. حسب نسب. شجرو.

– بَنْساوَلِي: ث. [سن. وَنْش = نسب + آوَلِ = قطار، سلسلو] نسب نامو.

• بِنْس: ذ. صفت. [سن. ناش = زوالیت > نَشْ = ناس ٿيڻ] فاني ـ بي بقا. پنو ـ تاڪُشون ـ ڪرسَ.

• بَنِسبَت: ظرف [ف. به + ع. نسبت] بابت ـ واسطي ـ پيٽ ۾ ـ متعلق ـ جي باري ۾.

• بَنَسْپَتِي: ث. [سن. وَنَسْپَتِي] زرعي پيدائش ـ نباتات وڻ ٽڻ ـ ياجيون. پوک. اوڀر ـ ساوڪ ـ سبزي.

• بَنْسري ج بَنْسريُونْ: ث. [سن. وَنْشي > وَنْش = بانْس] وڄائڻ جو هڪ ساز. (اصل بانْس جي ڪاڻيءَ مان ٺهيل) بانْسري.

• **بَتسلوچَنْ:** ث. [سن. ونش روچن. وَنْشَلوچَن = اَوَنْش = بانس + لوچَن = اک) بانس جي پور اندر آڇو کير جهڙو گُندو] بسارکي رکڻ جو هڪ قسم ـ طباشير. تامي ۾ جست جو مرکب.

• **بَتْسِي ج بَتْسِيُون:** ث. [سن. وَنْشي] بانسري ـ مرلي.

• **بَتْفَشو:** ذ. [ف. بِنَفْشَه] گُل بتوشو (جو نيلي رنگ جو خوشبودار ٽڻي. سُڪل گل ۾ پَن دوا طور ڪم اچن).

• **بَتْڪو ج بَتْڪا (ث):** ذ. صفت. [سن. وَلْک] وريل ـ ڏنگو.

• **بَتْگ:** ذ. [سن. وَنْگ] قَلعي ۽ جو ڪُشتو.

• **بَتْگارُ ج بَتْگارَ:** ذ. ڏاڻو جو هڪ قسم (جو تامي ۽ جست جي ملاوٽ مان نهي) ـ بَتْگارَ.

• **بَتْگال:** اسم خاص. برعظيم هندستان جي هڪ پاڳي جو نالو (جو هن وقت بن پاڳن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو مشرقي پاڪستان ۾ داخل آهي ۽ ٻيو 'مغربي بنگال' جو پارت ۾ شمار آهي).

– **بَتْگالو:** ذ. بنگال ملڪ (جتي سنڌ جا مير صاحب نظربند رهيا ۽ جتي سنڌ جي مشهور شاعر مير عبدالحسين خان 'سانگي' جي پرورش ٿي) "آسان جو ملڪ بنگالو الا يا آيها الساقي" (سانگي). سڳداسي جاتورن جو هڪ قسم.

– **بَتْگالي:** ذ. صفت. بنگال جو رهندڙ. بنگال جو. (ث) بنگال جي ٻولي.

– **بتگالي بات ٻولڻ:** مٺيون ٻوليون ٻولڻ. طوطي وانگر تنوار ڪرڻ. شيرين زباني اختيار ڪرڻ.

• **بَتْگَدا:** ث. مچي ۽ جو هڪ قسم.

• **بَتْگَڙي ج بَتْگَڙيُون:** ث. [هـ. بَتْگَري] ٻُجڙي ـ ڪنڪٽي.

• **بَتْگَڻ:** اسم خاص. مرد جو نالو (بنگل جانديو ۽ جمال چانديو جي ڪنهن وقت مشهور ملهه هٿا).

• **بَتْگَلاڻي:** اسم خاص. سنڌ جي ڪن بلوچ قبيلن يا پاڙن جو نالو.

• **بَتْگَل ديرو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَتْگَلزَئي:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بَتْگلو ج بَتْگلا:** ذ. [هـ. بنگلا: انگ. bungalow] ڪشادي ۽ وڏن وراندن واري عمارت (جنهن جي اڳئ ۾ باغ ۽ چمن هجي. راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ بار مٽي تي جادر يا پوتي وڇهي لڪندا آهن). پان جو هڪ قسم. (اسم خاص) ضلعي خيرپور ميرس ۾ هڪ شهر جو نالو. تعقلي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَتْگَلَه:** ث. بنگالي زبان.

• **بَتْگو ج بَتْگُو:** ذ. شراب جي تيزي، جاچڻ جو هڪ اوزار. اسپنگر جو ٻج.

• **بِنگو:** اسم خاص. [بلوچي] مرد جو نالو ('بنگو گرياڻگ' خواجه محمد زمان لواري، واري بزرگ جو مخلص مريد ۽ هڪ درويش شاعر).

• **بَتْلو:** ذ. اُٽي جو ڇاڻ (جنهن سان شادي، ڪان اڳ ڪنوار جو بدن صاف ڪجي) ـ اُبٽڻ. آٽڻ.

• **بَتو ج بتا:** ذ. [سن. بتّه. بتّر = هر شريف: ع. بَني. بناء = گهوٽ جو ڪنوار لاءِ تنبو کوڙڻ] گهوٽ ـ بنرو "معراج هليو مصطفيٰ. ڪري ويس وڳا. رهواهه بنوا" (مولود). (ث). بَتي ج بَتيُون.

• **بَتُو:** ذ. [ع. بَتُوْن (= بُتّ) > حالت اضافي] بُتّ ـ اولاد "بَتُو آدم. بَتُو اسماعيل وغيره".

• **بِنو ج بِنا (ت):** ذ. صفت. پيٽل نڪ وارو ـ مِنو. بَرو.

• **بِنِيهِ:** ظرف [بـ + نهايت = جو مخفف] اصل مُور ـ هرگز ـ بَتِي، ـ بلڪل "جي محو ٿيا معنيٰ ۾. سي ڪجَن بنهه ڪين" (نواب جان علي).

– **بِنهِي:** ظرف هرگز ـ مُور ـ بَتِي،

• **بَتَهَرُ:** ذ. سنگن لڏڻ ڪان پوءِ ڪانن جا بچيل سُنڈا ـ نارُ.

• **بُنهَن:** ث. [پُرون] ٻني "بُنهن ٽاهي خوب نار" (تيهه اڪري بخش علي).

• **بُنْهَنْ قُورُ ج بُنهَنْ قُورَ (ت):** ذ. اوچڻ. جو هڪ قسم (ڪنبي، جي نموني تي نيرا گل جهليندڙ).

• **بِنَشُوْن:** حرف جر. بنان ـ ڪان سواءِ.

• **بَنِي:** ذ. [ع. بَنُوْن (= بُتّ) > حالت جري] اولاد ـ بُتّ "بني آدم. بَني اسرائيل وغيره".

– **بَني آدم:** ذ. آدم جو اولاد. آدم زاد. انسان ذات.

– **بَني اِسرائيل:** اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. حضرت يعقوب عليه السلام جو اولاد. اسرائيل جا بُت ـ يهودي.

– **بَني بَشر:** ذ. انسان ذات ـ آدم زاد.

• **بُنْيادُ ج بُنْيادَ:** ذ. [ف] پيڙهه. پاڙ ـ جڙ "جنهن جو بد بنياد. تنهن جو ميوو مٺو ئي نه ٿئي" (چوٽي). حسب نسب. بُڍ. اصل. شروعات.

– **بُنْياد ڪَڍي جَڏڻ:** پاڙون پٽي جڏڻ ـ بيخ ڪني ڪرڻ.

– **بُنْيادو ج بُنْيادا:** ذ. صفت. بنيادي.

– **بُنْيادي ج بُنْيادِي:** ذ. صفت. اصلي. حسب نسب وارو ـ خانداني شرافت وارو. پيڙهائتو. پُرياڏو ـ پُرياروٗ. شروعاتي. قديمي.

– **بُنْيادي ٽَنڀو:** ذ. اصلي يا بنيادي مرڪز.

– **بُنْيادي ڇوڙو:** محاوري. اصلي حسب نسب وارو ماڻهو. پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندڙ. ڪنهن چڱي خاندان مان سڃيل ڇوڪرو.

• **بُڍُ ج بُڍَ ذ.** [ف. بُنْ. سن. بُدْنَ] اصل. پاڙ ـ جڙ. منڊ. شروعات. بنياد.

ٻيڙهه. نسل ـ نَسَب. اولاد ـ پشت ـ پونڀير. خاندان ـ آکيه ٻڙي. ڪورين جي اصطلاح ۾ ڪڏيل به تندون.

– بڪائتو ج بڪائتا: ذ. صفت. بَڻ وارو ـ ٻيڙهائتو ـ خاندائي. آدِ وارو ـ پنهنجي خاندان ٻي ويل.

– بُڻ بُنياد، بُڻ بُڪياد: ذ. پاڙ ـ جڙ. اصل نسل ـ خاندان.

– بُڪياڻتو ج بُڪياڻتا: ذ. صفت. بُڪائتو ـ بُنيادو ـ ٻيڙهائتو.

– بُڪياڻتو ڇوڙو: محاورو. ڇڳيءَ آکيه جو ماڻهو.

• بُڪائڻ: ٿ. وڃڻ جي سَڪل ڪائي ـ روڻائي. (صفت) سنهون ـ ضعيف.

• بُڪاڻس (ت): ٿ. بانس ـ بڊبو ـ ڏٻو.

• بُڪائي: ث. ڪنهن شيءِ نهرائڻ جو عيوضو ـ جوڙائي ـ نهرائي.

• بُڪاءُ: ذ. [سن. وَرْڻ = رنگڻ. سينگارڻ. بيان ڪرڻ. ع. بِناء] ناهڻ. ڏيک ويک. سينگار. سلوڪ ـ اتفاق ـ صلح. سِتاءُ ـ رٿڻ سازش ـ منصوبو. مرضي ـ خيال.

• بُڪائڻ: مصدر. [سن. وَرْڻ. ع. بَنَي. يَبْنِي] بڪائڻ ـ ناهڻ ـ جوڙڻ. پنهلائڻ. (بڪايو ـ بڪائيندو ـ بڪايل).

• بُڪَٽ ج بُڪَٽون: ٿ. [سن. وَرْڻ. ع. بِناء] ناهه ـ اتفاق ـ سلوڪ.

• بُڪجَڻ: مصدر. "بڪڻ" مان فعل مجهول. [سن. وَرْڻ] بنجڻ ـ نهڻ ـ جَڙڻ. ٽيڻ ـ ٽي ٻوڙ. (بڪيو ـ بڪبو ـ بڪيل).

• بُڪجي ج بُڪجيون: ٿ. [ف. برجي] لوهه جي ڇهنبدار لٽ ـ پالو ـ نيزو ـ برڇي.

• بُڪڇول: ذ. ڇمڙي جو اُبتي پاسي وارو حصو (ڇمڙي کي وڃان ڇيري ٻه حصا ڪندا آهن. سبتي پاسي وارو حصو 'ڪروم' ۽ اُبتي پاسي وارو 'بڪڇول').

• بُڪڇَڙ (ت): مصدر. ڪرڻ ـ ڏکو ڪائڻ. حرڪت بازي ڪرڻ. نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.

• بُڪڇول ج بُڪڇولَ (ل): ذ. صفت. تمام ڏڳهو ـ جانگهڙيل.

• بُڪڻ: مصدر. [سن. وَرْڻ = رنگڻ. سينگارڻ. بيان ڪرڻ] نهڻ ـ بنجڻ ـ جَڙڻ. جُڙي راس ٽيڻ ـ تيار ٽيڻ. (بڪيو ـ بڪندو ـ بڪيل).

• بڪو ج بڪا (ل): صفت. ٻيو ـ ٻيو.

• بُڪيلي ج بُڪيليون (ل): ث. سَٽ جي ڏندڙي ڏيري.

• بُڪيڇ (ت): ذ. ڳاهه جو هڪ قسم (جو ٻُهارن ناهڻ ۾ ڪم اچي).

• بُوْ: اسمي اڪيارڙي. [ع. أَبُو (= پيءُ) جو مخفف] مرڪب اضافيءَ ۾ مضاف طور ڪم اينڊڙ "بُوعلي. بُوتُراب".

• بُو ج بوئون: ٿ. [ف] خوشبوءِ ـ هيڪار "ويراڳي تو واس. بر ۾ بُوئون مرڪلي". بدبوءِ ـ ڏٻو. اثر. خبر. راز.

• بَوا (ت): ٿ. [ع. وبا > بوا (تقليبي صورت)] وبا ـ پليگ ـ طاعون. ڪاهه وڃڻندڙ وڏي بيماري.

• بَواسِيرُ: ذ. [ع. باسُور (= موڪو) ج بواسير] موڪا. موڪن جي بيماري.

• بُوالْعَجَب: ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: عجب جو ابو. عجب وارو] تعجب جهڙو ـ حيرت جهڙو ـ عجيبه.

– بُوالْعَجَبي: ٿ. عجب ـ تعجب ـ حيرت.

• بُوالْفَضْلي: ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هٽ ڦاڙائيءَ جو ابو] خرچائو ـ هٽ ڦاڙ. بکواسي. اجايو ـ بيهودو ـ واهيات بناکي.

– بُوالْفَضولي: ٿ. اجايو خرچ ـ هٽ ڦاڙائي ـ اسراف. اجائي بکواس. چريائپ. بيهودگي.

• بُوالْهَوَس: ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هَوَس جو پيءُ] مهوسي ـ هوس رکندڙ. حرص وارو. حريص ـ لالچي. شهوت پرست. سڏڙيو ـ سکٽو. ٻاراڻي سياڻ وارو ـ بيوقوف.

– بُوالْهَوَسي: ٿ. حماقت ـ بيوقوفي. حرص و هوس. شهوت پرستي.

• بَوالي ج بَوالِيون: ٿ. بازولي ـ تلابازي" تترڪيبر توار، ڏي ٽوباز بَوالِيون". (خانزئي).

• بُوبَ ج بُوبَه: ذ. بُونْبَ. حرص و هوس. شهوت پرستي.

• بُوبَ ج بُوبَه: ذ. بُونْبَ ـ ڪوهه "جي پائين ڪارو ڪيڙيان نه اُٿي بُوبَ بناءِ" (شاهه).

• بُوبَڪ: ذ. ڳاهه جو هڪ قسم. ڪيوڙي جو اڌ ٽڙيل سنگ. بصر جي گل جي ڏاندي. هُدهد (پکي). (اسم خاص) تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو. (ث) ڪنواري ـ عذراءُ.

– بُوبَڪائي، بُوبَڪائي: ذ. صفت. بوبڪن جو ويجل ("مخدوم جعفر بوبڪائي" جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي).

• بُوبَڪ (ت): ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڳوٺ دوڙائڻ تعلقي روهڙي ۾ آهي).

• بُوبَتا: اسم خاص. مشهور روماني داستان "بوبَنا جراڙ" جي سُورمي "بَوبنا جراڙ لاءِ. روئي رت ندينون".

• بُوبَني ج بُوبَنيون (ٿه ل): ٿ. جوان. سهڻي ۽ ڏلهي متاري زال (جا گهر جو ڪم ڪار نه ڪري). (صفت) مِٺڙي ـ سڪيلڙي.

• بُوبَه (ل): ذ. ڪلر.

• بوبر: ٿ. سنهي پير ـ ڇور ـ ڪُنو.

• بُوتارجڻ (ت): فعل مجهول. واڙو ٿيڻ ـ حواس خطا ٿيڻ. (ڳالهائڻ ۾) هيڪڙ. پنهنجيءَ ڳالهه تان قري وڃڻ. (بُوتاڙيو ـ بُوتاڙبو ـ بُوتاڙيل).

• **بُوتُراب:** اسم خاص. [ع. بُو = أبو + تُراب = مٽي، جو پي؛] حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو ڪنيو (جو ڪين نبي صه ڏنو هو. جڏهن ڪين مٽي، تي سمهل ڏنو هٿائون).

• **بوتري ج بوتريُون (ڪ):** ٿ. بڪري، جو هڪ قسم ۽ رنگ.

• **بوتَلَ ج بوتلُون:** ٿ. [انگ. bottle] بانلي ـ شيشو. شراب جو شيشو. سوڊا پاڻي، جي بانلي.

• **بوتو ج بوتا:** ذ. [فا. بُت] پوڄا جو پتلو (مٽي، ڌاتو، پٿر، وغيره مان ٺهيل ماڻهوءَ جي شڪل تي) ـ بُت. مجسمو ـ صورت. بدن ـ جسم. نقلي صورت. جهار ڪان فصل بچائڻ لاءِ ڪيڙي مان ٺهيل پتلو ـ اوڙو. ڏوهه ڪرڻ خاطر ٺاهيل بوتو. ڏمرُ ـ ڏاتو. ڪوڙو دلاسو. اجايو بهتان. [فا. بوته: ع. بُوتَه = ڪوٺاري] ڪوٺاري ـ مُنڌڪو. قالب ـ ساڇو. [فا. بوته. بوتا] ننڍو جوان اُٺ ـ گونرو ـ ڪنوار "بوتن ۾ بلوجن جي ٻر ۾ آيم ٻُوءِ" (شاه): "بوتا پاڙي پاڻ پلائي، جُنبيا مٺي جُوءِ" (ڪبير شاهه).

– **بوتا ڏيڻ:** ڏڻا ڏيڻ ـ ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.

– **بوتو ٻڌڻ:** ڪوڙي ڳالهه بڌائي ڪنهن کي هراس ۾ وجهڻ.

– **بوتو بنائڻ:** قالب ٺاهڻ. ڪوڙي ڳالهه ٺاهي بڌائڻ ـ ويڙهه پڪيڙڻ ڪا ڳالهه ٺاهڻ ـ ڏنو ڏيڻ. بيڪار سنائڻ ـ ڪاوڙ.

– **بوتو جاڙهڻ:** سون، چانديءَ يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جي ڪشتي ڪرڻ وقت ڪوٺاريءَ جي مٿان ڏک جاڙهڻ ـ گيل حڪمت ڪرڻ.

– **بوتو وجهڻ:** ڪاري جادوءَ طور ڪنهن جو بوتو ٺاهي مقام ۾ پورڻ ـ ڏوهه وجهڻ.

• **بُوتو ج بُوتا:** ذ. [هـ بُوتا] طاقت ـ بل. زور ـ شڪتي. وٽ ـ وسعت. مال ـ دولت ـ ڌن. بدن "جيڏا بُوتا، تيڏا ڏوتا": "سيکو پنهنجي بُوتي آهر ڪائيندو".

• **بُوتيمارُ ج بُوتيمارَ:** ذ. [ع. أبو + فا. تيمار = ارمان. درد] هڪ قسم جو ڏانڊي ٻڪي ـ ٻگهه ٻڪي ـ ٻگهو (جو هڪ تنگ تي ارمانجي مڃين ماريُ لاءِ تيار رهندو آهي).

• **بوٽَر:** ٿ. مڇي، جو هڪ قسم.

• **بوٽڙو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بوٽ:** ذ. [انگ. boat] ٻيڙي.

• **بُوٽ ج بُوٽَ:** ذ. [انگ. boot] انگريزي نموني جي جتي.

• **بُوٽَڪ ج بُوٽَڪَ (ت):** ذ. هڙ ـ ڪُوٽري.

• **بُوٽ مارُ (ڪ):** ذ. ٻوٽي، جو هڪ قسم.

• **بوٽ (ل):** ٿ. ٿورو تپ ـ هلڪو تپ ـ توڙس "سنهي سوٽ بدن ۾ توڙس. گهٽيرو تپ" "الهڏنو فڪس، گرمائش ـ تپش ـ تاءُ.

• **بوٽ (بوٽَسُ) (ت):** ذ. صفت. جهوتو ـ پرندڙ. بدشڪل ـ ڪرجهو. مُنڊل (ساندارو).

• **بُوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُوجارو ج بُوجارا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بُوجر.

• **بُوجِجَنُ:** فعل مجهول. ڪنو ٿيڻ. خراب ٿيڻ. ٽڪو ٿيڻ ـ بُسجڻ. سينوارجڻ (اَڻ جو آلاڻ سبب). بيسوادو ٿيڻ. (بوجيو ـ بُوجيل).

– **بُوجَرُ ج بُوجَرَ:** ذ. ڪپڙي، جي ٽوپي ۽ ڏ اَيل ۽ باهر نڪتل ٽند ـ تاندورو. هڪ قسم جي ڪٽڪ جو ٻج.

– **بوجَرُ:** ذ. اَڪليل ڏاڪا. ٻَج. منجهيل واڙ.

– **بُوجِرُ ج بُوجِرَ:** د. صفت. ٽلهن وارن وارو ـ بُجن وارو ـ بُوجارو.

– **بُوجِرو ج بُوجِرا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بوجرُ ـ بُوجارو.

– **بُوجرو ڪُنيُونُ:** ذ. وارن وارو ڪُنيُونُ.

• **بُوجِري:** ٿ. ڪٽڪ جو هڪ قسم. هيڊ جو هڪ قسم (وارن واري هيڊ).

• **بوجو ج بوجا:** ذ. [هـ. بوجهـ] بوجهو ـ بار ـ وَزنُ. گري شيءِ. ٻهتان.

• **بُوجو ج بُوجا:** ذ. صفت. بُجن وارو ـ بُوجرو. ڪتي جو هڪ قسم (وارن وارو ڪتو).

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. [هـ. بوجهـ] بارُ ـ بوجهو.

• **بوجهو ج بوجها:** ذ. [هـ. بوجهـ. بار ـ بوجهو. ٻهتان.

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. واڳڻون. مانگر ميڙ.

• **بُوچَرُ ج بُوچَرَ (ل):** ذ. [انگ. butcher] گوشت وڪڻندڙ ـ ڪاساڻي.

• **بوچُ:** ٿ. بچڙائي ـ بدي. گناهه. جتي. بُچان ـ ڪراهت.

• **بوچ ج بوچ:** ذ. نهمت ـ الزام ـ بهتان (ڪ).

– **بُوچُ وجهڻ:** بهتان مڙهڻ ـ الزام مڙهڻ. بدي وجهڻ. هرج وجهڻ.

• **بوچ بچڙايون:** ذ. ڏوهه گناهه.

• **بوچاڻ بوچاڻَ:** ٿ. اوهيرو ـ مينهن جو وسڪارو. هوا جي زور تي مينهن جي اچل. مينهن واچ.

• **بوچِجَنُ:** فعل مجهول. گهمجڻ ـ ماڪجڻ. ماڪ يا پوسل جي ڪري ڪ شيءِ بيسوادي ٿيڻ (بوجيو ـ بوجبو ـ بوجيل).

• **بوچَنُ ج بوچَنَ:** ذ. ڏهسنامي جو لفظ. وگو ـ پوشاڪ

• **بوچَنُ ج بوچَنَ:** ذ. ڪلهي تي رکڻ يا چيلهه سان ٻڌڻ لاءِ ننڍي چادر يا ننڍو ڪپڙو ـ پوتڙو ـ انگوڇو ـ ٽوال.

– **بوچڻ ڇنڊي اُٺڻ:** هٿين ٽلهو اُٺڻ ـ خالي هٿين نڪرڻ. لاڳاپو ڇنڻ ـ واسطو توڙڻ.

– **بوجھ ڪُلهي تي ڪرڻ:** مرڪلائي وڃڻ. ڪاوڙجي هليو وڃڻ. ناتو چٽڻ.

• **بوجھڙي ج بوجھڙيُون:** ث. گلڪاري، سان پرت پريل ڄڻي.

• **بود (ث)، بودُ:** ذ. [ف. بُودن (= هڻڻ) > بُود > بود] خوشي ـ مستي ـ خمار. اَنڊ ـ زور ـ هوش ـ سجاڳي. سامت. گڳر جي ٻڌ جا بن (ڪ).

– **بود اُڇڻ:** خوشيءَ ۾ پرجھڻ ـ خوشيءَ مان ڦُڏڻ. بيماريءَ کان پوءِ ڪجھ ساھ ٻَٽڻ. زور رٽڻ. ڏَڪ پيڃڻ. سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سجاڳ ٿيڻ.

– **بود پرجھڻ:** مستيءَ ۾ اُڇڻ. مغرور ٿيڻ.

– **بودِ ڪارَ (ت):** ذ. مستي ـ خمار. آڪڙ. هٺ.

– **بودِ ڪائي ج بودِ ڪايُون:** ث. اَنڊ ـ وڏائي ـ آڪڙ.

– **بود ۾ اُڇڻ:** سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سڃيتائيءَ ۾ اُڇڻ. مغرور ٿيڻ. آڪڙجڻ. ناز نخرا ڪرڻ.

• **بُودْ:** ذ. [ف. بُودَنْ= هڻڻ] هجڻ جي حالت ـ هُڻڻ. هستي ـ وجود. بقا "جيلھ ٽيا نابُود. تيلھ رسيا بُود کي" (شاھ).

– **بود باشْ:** ث. رهايش ـ قيام ـ سڪونت.

– **بُود ڪيڻ:** هستي وجائڻ ـ نابود ڪرڻ. ستياناس ڪري ڇڏڻ.

• **بُودُ ج بُودَ:** ذ. مادي، جو مخصوص عضو.

– **بُود ڪيڻ:** ڪجي پوڻ. بانُ ڪرڻ (هلڻ کان).

• **بودائي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بودَڪ:** اسر خاص. تعلقي ڪنديارين ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **بُودڪي ج بُود ڪيُون:** ث. ٻُور ـ ريڇڪ ـ جوڪي. اوجنو خيال ـ مَن اُچل. مرڄ ـ مستي ـ لھر. ٽينگ ٽپ. ڇھن سالن کان پوءِ گھوڙي جي عمر جو وقت "گھوڙو بُودڪين ۾ آھي". پوريان پساھ ـ هل هلان (ل).

• **بُودَلَ (ل، ث):** ذ. صفت بيعقل ـ جريو. بودلو ـ واڃاڻ.

• **بودلو ج بودِ لا:** اسر خاص نالو مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. دل قبيلي جي هڪ نڪ جو نالو.

• **بودِ لو ج بودِ لا:** ذ. صفت. عقل جو سادو ـ پورڙو ـ موڳو ـ جرڙيو. دادلو ـ چاڳلو. لالو. سُک جو پاليل. ارڏو. هٺ هيرو. الله لوڪ ـ مستانو. نھنو ـ مانيشو ـ غريب. ڏيرج وان ـ بُردبار (ث). اھو جانور جنھن کي جائي جم کان ڪو فالتو عضوو هجي (وڏيڪ لڙڪندڙ ڇنگھ يا وڏيڪ لڙڪندڙ ڪن. وغيره) (ث) بودلي ج بودليُون.

– **بودلائي:** ث. عقل جي سادگي ـ ڪم عقلي ـ موڳائي. مستي ـ ارڏائي ـ جريائي. چاڳلائي ـ چلولائي ـ دادلائي.

• **بودِ ليو ج بودِ ليا:** ذ. صفت. گھوڙي جو هڪ رنگ ۽ قسم (ڪارو پنج ڪلياڻ گھوڙو جنھن جون پريون ڇنگھون جھڪيل هجن).

• **بُودني:** ظرف. [ف] هڻڻ جھڙو ـ شدني ـ ممڪن.

• **بودو ج بودا:** ذ. [ف. بوده] اَڻ ـ ڪنوات ـ گورو. (صفت) ٻُلهو ۽ بي دولو. [سن. اَبودَ > اَ = نہ + بُدْ = سمجھڻ] اڻوجھ ـ بي سمجھ.

• **بوڏاري:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بوڏِ يا، بوڏِيجا:** اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بودِ (بوڏْ) ج بودِ (بوڏُ):** ذ. جُونءَ ـ تولھ. مرم ـ حياءَ. خيال ـ ويچار (ڪ).

• **بُودَ (بوڏْ) ج بُودُون (بُوڏُرُون) (ت):** ث. جانور (خصوصاً اُٺ ۽ ڏاند) جي اَلت. ڏگھي سنھي اَلت. (صفت) ڏگھو ـ لَنبو.

• **بُوداڙ (بوڏاڙ) (ت):** مصدر. زور سان چٽڻ ۽ ٻَٽڻ ـ روڙڻ. زور سان کسڻ. (بوداڙيو ـ بوداڙيندو ـ بوداڙيل).

– **بُوداڙ (بوڏاڙ):** ث. رهڙ ڌهڙ ـ زوريءَ هٽ ڪَس. روڙ.

– **بُوداڙ سُوداڙ (بوڏاڙ سوڏاڙ):** ث. زبردستي ـ هٽ ڪس. روڙ سوڙ.

• **بودِيو (بوڏْ) ج بودا (بوڏا):** ذ. ڪھاڻي سِينگھ ـ گوبو. منجھيل ڏاڳا.

• **بودِ ڙ ج بودِ ڙ:** ذ. صفت. جنھن کي نڪ ۾ سنگھ گھٽي هجي ـ جنھن جو نڪ سڌائين بودن ۽ گوبن سان پريل هجي ـ گوبڙ. گدلو ـ ڪنو.

• **بُودي (بوڏْي) ج بُوديُون (بوڏْيُون) (ت):** ث. جانور جي اَلت ـ ٿوڏ.

• **بُوديڻگ (ڪ):** ذ. برتي جو هڪ قسم.

• **بور:** ث. مينھن جو هڪ قسم (جنھن جي ڦڇ جي چوٽي ۽ چٽن ئي پيرن جا مَرا اُڇا هجن).

• **بورُ ج بورَ:** ذ. ڳھوڙي جو هڪ قسم ـ سونھري ڳاڙھي رنگ وارو ڳھوڙو. هلڪي ڳاڙھي رنگ وارو اَٽ. (ث) بورَ.

– **بورُ سَمَنْدُ:** ذ. اُھو بور ڳھوڙو جنھن ۾ 'سمند' جا نشان نہ هجن.

• **بوراق:** اسر خاص. [ع. بُراق] بُراق (جنھن تي حضور پاڪ جن معراج رات سواري ڪئي هئي). (ڪنايۃً) تمام تڪو ڳھوڙو.

– **بوراق ڪرڻ:** ڳھوڙي کي ذبح ڪرڻ ـ ڳھوڙي جي سِسي لاھڻ.

• **بُوراق، بُورَقَ:** ذ. [ع] بوريڪس جو ٻُورو.

• **بوراڪ ج بوراڪُون:** ث. [ع] نئين ساماڻل چوڪري. نوخيز چوڪري ـ بالغ چوڪري.

• **بوراڪ ج بوراڪ:** ذ. صفت. وهيءَ کي رسيل ـ جوان ـ ساماڻل ـ ڳيرو ـ بالغ.

– **بوراڪي ج بوراڪيُون:** ث. ساماڻجڻ جي وهي ـ بلوغت ـ ساماڻپ ـ نئون جوبن.

• **بوراڪي ج بوراڪيُون:** ث. وادڪي اوزار جو هڪ قسم سل ڪيڻ

جو اوزار ـ سيرائي.

• **بوراڻو ج بوراڻا، بوراوا:** ذ. [سن. پُروگ = اڳيان هلندڙ، پيشوا] اڳواڻ ـ سونهون ـ رهبر ـ رهنما. رستو ڏيکارينڊڙ (هنگلاج وڃڻ وارا زيارتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل هڪ پيادو پاڻ سان کڻندا هئا، جو هڪ لٽ جي جوتيءَ تي جهنڊي ٻڌي، اها لٽ پيٽ سان ٻڌي اڳيان هلندو هو ۽ سڄو قافلو اُن جي پٺيان هلندو هو) "بَرِ ۾ بوراڻو، ڪڍ پيادي پاڻ سين". "بوراڻو بَرن جو، ريڑهي منجهه رجن" (شاهه). سفر ۾ ساڻي ـ رفيق ـ بدرقو. نگهبان ـ راکو ـ محافظ ـ بهريدار، قاصد ـ پيغامبر.

• **بوراڻي ج بوراڻي:** ذ. صفت. [ترڪي. باوَرْچي] ماڻي ٺاهڻ وارو ـ رڌ پچاءُ ڪندڙ ـ راڌارو ـ رسويو ـ طبّاخ. (ث) بوراڻيائي ج بوراڻيائيون.

— **بوراڻيخانو ج بوراڻيخانا:** ذ. رڌ پچاءُ ڪرڻ جي جاءِ ـ رڌڻو ـ رسوڙو.

• **بوَرْڊ ج بوَرْڊَ:** ذ. [انگ. board] ڪاٺ يا سيمنٽ جو ڪاري رنگ جو تختو (جنهن تي استاد شاگردن کي لکڻ سيکاري) ـ تختو سياهه. دفتري ـ پائو. مجلس ـ ميز ـ ڪاميٽي ـ انجمن. اجلاس جي ميز.

• **بوَرْڊَر ج بوَرْڊَرَ:** ذ. صفت. [انگ. boarder] بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ شاگرد.

• **بورڊنگ هائوسَ:** ذ. [انگ. boarding house] شاگردن جي رهڻ جي جاءِ، اقامت گاهه ـ باشگاهه.

• **بورو ج بورا (ڪ):** ذ. مچيءَ جو هڪ قسم ـ چلرن سان، وات وڏو، رنگ اڇو. ڏيکو ١ ڪان اڻن انجن تائين).

• **بوري:** اسم خاص. شيعه مسلمانن جو هڪ فرقو (جي ستن امامن کي مڃيندا آهن) ـ بوهرا ـ وونرا.

• **بُوري (ل. ڪ):** ث. چوپائي مال جي پاڄ ـ ٻوڙ ـ ٽاهه.

— **بُوري ڪرڻ (ڪ):** ٽهڻ. اڌنگيءَ طرح ڏوڙڻ. اڌايو ڳالهائڻ.

• **بُوڙيا:** ذ. [ف] تڏو.

— **بُوريا باف:** ذ. صفت. تڏا ٺاهيندڙ ـ تڏائي.

— **بوريا اوش:** ذ. صفت. تمام مسڪين.

• **بوريڊو ج بوريڊا:** ذ. ڳٻ جو هڪ قسم ـ ڪنڻ ۾ پائڻ جو هڪ ڳٻ.

• **بوريڻي (ل):** ث. پڪائين گهر جي پوئين ڏري (جنهن تي يڪي جو دنگ ٿئي).

• **بوريو ج بوريا:** ذ. [ف بُوريا] تڏو ـ تونري.

• **بوريو بستر و ٻڌڻ:** لڏ پلاڻ ڪرڻ ـ هنڌ بستر و ٻڌڻ.

• **بوڙ ج بوڙيُون (ڪ):** ث. اُٺ جي مستيءَ جو آواز ـ اُٺ جي گوڙ.

• **بوڙينڊو ج بوڙينڊا:** ذ. ڪنڊ يا ڳڙ ۽ تربن مان ٺهيل مٺائي. متيءَ جو پورو گولو (جو بازَ وجائيندا آهن) متيءَ جو ڳوڙهو (گُليل ۾ ڪر ايندڙ). هڪ قسم جو ننڍڙو پکي.

• **بوڙينڊو (لس):** ذ. ڳٻ جو هڪ قسم.

• **بوڙيو ج بوڙيا:** ذ. [پرا. بُتّ، سن. بَدْبَده] پاڻيءَ جو ٻُوهڪو ـ جر ٻوٽو ـ حُباب.

— **بوڙيا ڪيڻ، ڪرڻ:** بَڙ بَڙ ڪرڻ. آواز سان ۽ گهٽي انداز ۾ زور سان نڪرڻ (رت يا پاڻي).

• **بُوڙَ ج بُوڙَ:** ذ. صفت. [فـ بَـزْ = بڪر] بڪر جهڙو. اڌ سڌريل ـ اَناڙي ـ جريو. جهنگلي ـ وحشي. ڏسڻ جو ٻُوٽ. صفائي نه رکندڙ ـ گندلو.

— **بُوزانَ ج بُوزانَ:** ذ. صفت. بوز. ڏندو مُتو. پوش. صفا جريو.

• **بوزْ:** ذ. [ف] چينو گهوڙو. (صفت) تڪو ـ تيز فهم. [فـ بَـزْ] بڪر.

• **بوزارْ:** ذ. [ف] تيز مصالحن وارو ڪاڏو.

• **بُوزاوو:** ذ. [فـ بَـزْ = بڪر] چوپائي مال (خصوصاً بڪرين جي) هڪ بيماري (جنهن ۾ بڪرين جا چپ زخمجي پوندا آهن ۽ گاهه ڪائي نه سگهندیون آهن).

• **بوزاگَـرْ:** ذ. صفت. شراب چڪائيندڙ ـ ڪلال.

• **بوزْدارْ:** اسم خاص. [فـ بَـزْ = بڪري + دار = رکندڙ] بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **بُوزْنَه، بُوزِينَه:** ذ. [ف] باندر.

• **بوزو:** ذ. [ف. بوذَه] متل چانورن يا ڪڻڪ جو رس. شراب جو هڪ قسم (اڳئين زماني جو ديسي بيئر).

— **بوزِيخانو:** ذ. شرابخانو ـ ڪلهو.

• **بُوزي:** ذ. [ف] بيڙي.

• **بُوسا:** ث. رسيءَ جي ڳنڍ جو هڪ قسم.

• **بُوسْتانَ ج بُوسْتانَ:** ذ. [ف. بُو = خوشبو + آستان = جاءِ] باغ ـ بُستان ـ ڦلواڙي. (اسم خاص) شيخ سعدي شيرازيءَ جي ناهيل مشهور پارسي ڪتاب جو نالو.

• **بوسُڪي:** ث. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ سلڪ جو ڪپڙو.

• **بُوسڻ:** مصدر. ڏيڻ پرڻ ـ ڏيڻ. ڏيڻ. ڏيڻ ڏسي پيٽ ۾ وجهڻ. هيڄ ڪري ڪائڻ "بُوسي وجهي پيٽ ۾. مرڪاتي پوء". (بُوسيو ـ بُوسيندو ـ بُوسيل).

• **بُوسڻُ ج بُوسڻَ:** ذ. ٽلهي ماڻي ـ ٻي ڏولو لولو ـ ٽلهو روٽلو.

• **بوسڻ:** مصدر. چيٽ جي فصل واسطي. ڪٽيءَ جي موسم ۾ زمين کي ريج ڏيڻ لاءِ جالارو پاڻي ڏيڻ.

• **بوسو ج بوسا:** ذ. مينهن يا گئون جو چيٽو ـ گوبر ـ ڦوسو. توري يا چيٽي جي ٽال ـ وڏو چيٽو.

• **بُوسو:** ذ. [پرا. بُس، پُش: سن. بَسَ، بُسَ، بُشَ = ٿهه] انتي جو چاڙ ـ ڪَتَر ـ ڪَتي (جا چوپائي مال کي چاري سان گڏ کارائجي).

• **بوسي بوسه ج بوسا:** ذ. [ف] چمي ـ مٽي ـ سڪر (ت).

— **بوسه بازي:** ٿ. چَٽ چُمر.

• **بوسي:** ٿ. درياءَ جي سيلاب يا اُٿل تي ٽيندڙ پوک (جنهن کي فقط شروع ۾ پاڻي ملندو آهي. ۽ لَٻڻ تائين وري پاڻي نه ملندو آهي).

— **بوسي ٽڪا:** محاورو. حرام جو مال. مفت جو مال بنا پورهئي هٿ آيل رقم.

• **بوسيدو ج بوسيدا:** ذ. صفت. [ف. بوسيده] پراڻو ـ جهونو. ڳريل ـ سڙيل.

— **بوسيدگي:** ٿ. پراڻائي ـ جهونائي.

• **بوسيري (ڪ):** ٿ. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم (جا ڪلراٺي زمين ۾ ٿئي) ـ اوٽڻ.

• **بُوشَ ج بُوشَن (ل):** ذ. صفت. [ف. بُز] پوش ـ پُوز ـ بُوزان (ت).

• **بوڦ:** ٿ. برفت قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي.

• **بوفلو ج بوفلا:** ذ. صفت. [انگ. beautiful] سهڻو ـ حسين. ڳاڙهو گٻلو. چمبلو. وٽندڙ.

• **بوفلي ج بوفليون:** ٿ. ڪتاب مٿان ڪپڙي جو پوش. ڍال جي هٿيي تي جڙهيل نرم گدي.

• **بُولاڙ:** ٿ. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ پونڊاڙ.

• **بولاڙ ج بولاڙ:** ذ. ٻُنهن ڦوڙ ـ پونڊاڙ.

• **بُوق:** ذ. [ع] ٽوتارو.

• **بوقَلمُون:** ذ. صفت. [ع] هر گهڙيءَ بدلجندڙ ـ رنگا رنگ. (ذ) سانڊو. (اسر خاص) هڪ افسانوي جادوگر جو نالو.

— **بوقَلمُوني:** صفت. ڦرندڙ گهرندڙ. رنگا رنگي. بي پروسي.

• **بوڪس ج بوڪس (ت):** ذ. صفت. ٽُلهو ۽ بي ڊولو ماڻهو.

• **بُوڪڻ ج بُوڪڻ (ت):** ظرف. تمام (ٽُلهو يا ڳورو). هي لفظ هميشه "ٽُلهو يا ڳرو" لفظ سان گڏ ڪر ايندو آهي "ڏلاڻو ٽُلهو بُوڪڻ يا ڳرو بوڪڻ آهي".

• **بُوڪڻ (ت):** مصدر. ٽيڪ هٽڻ ـ ٽيڪڻ. ڍڄڻ. (بُوڪيو ـ بُوڪيندو ـ بُوڪيل).

• **بُوڪ:** ٿ. دست ـ ٽيڪ. (ظرف) تمام ڍڄڻو (هميشه "ڍڄڻو" لفظ سان گڏ ايندڙ "ڏلاڻو ڍڄڻو بُوڪ آهي"). [ف] نصيحت. ڏڪ جنهن ۾ ڪٽڪ پوڻجي. (ظرف) شايد. اتفاق سان.

• **بُوڪڻو ج بُوڪڻا:** ذ. صفت. بُوڪيندڙ ـ ٽيڪيندڙ ـ ڍڄڻو ـ بزدل.

• **بوگَرُ ج بوگَر (ت):** ذ. صفت. بلڪل پراڻو. جهونو ـ پُتو.

• **بوگڙو:** ذ. ووٽن جي بوڪ جو هڪ مرض (جڏهن ووٽ ۾ ـ پنا ٿين. تڏهن ڪيڙو لڳين. جو پن کائيندو ويندو آهي. بوڪ کي پاڻي پيارڻ بعد ئي اهو مرض ويندو آهي).

• **بوگڙو ج بوگڙو:** ذ. صفت. بُڪيل ـ بُڪيو. سُجو ـ پينگيو ـ ڪنگال. واهيات ـ رڌيل.

• **بُوگَنَ ج بُوگَن:** ذ. [سن. پُوشڻ] زيور ـ گهَهَ "ڪنجن تي بُوگن جو. جڏ جانب ڪيو جنسار". (راجن شاه).

• **بوگرگري:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بوگمن ويلا:** ٿ. [انگ] گاڙهن گلابي گلن واري ولائتي ول جو هڪ قسم.

• **بوگو ج بوگا:** ذ. سنگهه جو گوبو ـ بودو.

• **بول:** ذ. [ع. بَوْلُ] پيشاب ـ مُت. پولهه ـ دُبر. اوگهڙ. آندا گڇيون. اوجهري.

— **بول ڪيڻ:** پچايل مڪڙ کي ڪائڻ اڳ ۾ اڏ ڪري اُن جو پولهه وارو حصو ڪڍي ڏيڻ. سخت مار ڪيڻ. (ڪپڙي کي) تهارون ڪرڻ.

— **بولدان:** ذ. پيشاب ڪرڻ جو ٽاڻ ۽

— **بول و براز:** ذ. پيشاب ۽ تورو.

— **بولائي ج بولائيون:** ٿ. بازولي ـ ڪلابازي. ڦيري. انڪل.

— **بولائي ڪائڻ:** ڪلابازي ڏيڻ. ڦيري ڏيڻ. ڳالهه ڪان ڦري وڃڻ. ڏڏي تي ڦري وڃڻ.

• **بولاڪي:** اسر خاص. [ف] سبي ۽ ڪوئٽا جي رڄ ۾ هڪ لڪ جو نالو.

• **بولانبو ج بولانبا:** ذ. [ع. بَوْلُ] اوجهه. وڏو آندو "مَنهن نه مهانبو. گڏهه جو بولانبو" (چوٽي). ڀڪريءَ جي ڏاس يا ڏاڪڻ جو منجهيل ڦورو. ڳنڍيون ڳوڙهن وارو ڏاڪو.

• **بُولڙي ج بُولڙيون:** ٿ. ننڍو بُولو (ڪُهه). جويڙ راند ۾ هارائيندڙ ڏر جي پڇاڙيءَ تائين نه چڙايل ۽ مُئل ساري. جلهر (جنهن) راند ۾ ننڍ (جنهن ۾ مئل ساري توڙ تائين راند هارائيندڙ چڙائي نه سگهي).

• **بولو ج بولا (ل):** ذ. پڇو (مقعد جو) ـ چَپ.

• **بُولو ج بُولا:** ذ. [ف. بَلاق] گهَهَ جو هڪ قسم ـ نَٽَ جي نموني ننڍڙو گهَهَ (جونڪ جي ٽُوٽيءَ ۾ سوراخ ڪري پائين).

— **بُولي ج بُوليُون:** ٿ. ننڍو بُولو.

• **بُولي ٽولي:** ٿ. چرچو گهمو. ڪل مسخري.

• **بُومُ:** ذ. [ع. بُوم] چمرو ـ اُلو. لُڙ ـ گوڙ ـ شور ـ دمجر. (ث) [ف. بُوم: سن. بُوم، بُومي] زمين ـ ڌرتي ـ پُونءِ.

– **بُوم خَصْلت:** ذ. صفت. (چهري وانگر) ويراني پسند ڪندڙ ـ منحوس ـ نياڳو.

– **بُومِيو** ج **بُومِيا:** ذ. صفت. [سن. بُومَ] بُومِيو. ترجو واقف. سونهون. اڳواڻ ـ رهبر ـ رهنما.

• **بُناڙ** ج **بُوناڙ:** ذ. بُوٽ (مرونءِ جو) ـ دوناڙ.

• **بُوَنْ:** ذ. جيلهه. ڪان هيٺ چولي جي ويڪر.

• **بُون:** ذ. دوناڙ ـ بوٽ.

• **بُونْبَ** ج **بُونْبَه:** ذ. [سن. بِمْبَ] ڪوهو (ٻيڙي يا جهاز جو) "جي ياٽين ڪارو ڪيڙيان. ت. آٽي بُونب بناءِ" (شاهه). گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڊاڪُونءِ جي مٿئين پڙ جي چوٽي. ڪٽ يا هندوري جي پاڻي جي مٿين چهنب. گول چهنبدار ڏُنڊي يا بُنبي. دلي جو ڊِڪ (ل). نخرو (ل). نڪ يا ڪن جي چوٽي (ت). (صفت) وڏو ـ ٽلهو ـ متارو (ل).

• **بُونْبار (ڪ):** ث. دهالت.

• **بُونْبالو:** اسم خاص. تعلقي جاتيءِ جو هڪ ديهه جو نالو.

• **بُونْبو** ج **بُونْبا:** ذ. [سن. بِمْبَ] گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڪٽ يا هندوري جي سنهي چوٽي. ڪنهن به شيءِ جي چهنبدار ڏُنڊي. ڊاڪُونءِ جي مٿئين پڙ جي چوٽي. دلي جو ڊِڪ "جان وجان وات وٽيو. ڏنئر بصر ۽ بُونبو: گهڙي ويس گهر ۾. ڪٽيئون منهنجو ڏونگو" (پيراڻو پنهڙو). هڪ قسم جو نانگ. (ت) بُونْبي ج بُونْبيُون.

• **بُونْبِيات** ج **بُونْبِيَتْ:** ذ. مچرن يا مڪين جو آواز. سنهون ۽ گڏيل آواز. بُونْبِيَتْ.

– **بُونْبِيَتْ** ج **بُونْبِيَتْ:** ذ. [سن. بُرمْ = قِرنْ] ڪنهن به قِرندڙ شيءِ (لاٽون، قِرڻي وغيره) جو آواز. تکو آواز تيزيءِ سان اُڇليل شيءِ جو (هوا ۾) آواز.

• **بُونْبِيت ڪرڻ:** واڪي واڙو آواز ڪرڻ.

• **بُونْبِيو:** ذ. لات (دونهين جي).

• **بُونْتارِجَنْ** (ت): فعل مجهول. ڪاوڙجڻ. ضد ڪرڻ. پونتاڙجڻ (ل). (بونتاريو ـ بُونتاريو ـ بُونْتاريل).

• **بُونْڊ** ج **بُونْڊُون:** ث. [سن. وِنْدَ] مينهن جي ڦڦي. سنهي ڦڙ ڦڙ. سنهون مينهن. پاڻيءِ جي چاٽ "منجهان پيٽي مڪڙيءِ. ڪا جا پاڻيءِ بُوند" (شاهه). تمام ٿوريءِ شيءِ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي ٻر ٻر چاپيل هجي) ـ بُونْدي.

– **بُونْد بُونْد:** ث. ڦڙ ڦڙ ـ سنهون مينهن.

– **بُوندون ڪرڻ (ڪ):** مينهن جو سنهي ڦڙ ڦڙ ڪري وسڻ. خوشبو ڪرڻ ـ هَبڪارون ڪرڻ.

• **بُونْداڙ** ج **بُونْداڙُون (ل):** ث. ڪتي يا ٻڪهڙ جي اوناڙ.

• **بُونْدي** ج **بُونْديُون:** ث. مٺائيءِ جو هڪ قسم (جنهن مان لڏون ۽ نهن) ـ نَخْتي.

• **بُونْدِ** ج **بُونْڊُون، بُونْدِيُون:** ث. ڏُنڊي (جنهن وٽان ميوو تاريءِ سان لٽڪيل رهي ٿو) ـ ڏاڊي. مَنهن ـ دوناڙ (ل). ڦُوند ـ ڇچو (ڪڪڙ جو) "ڪڪڙ آنو بُوند پر. سارو لوڪ گواهه" (گرهوڙي).

• **بُونْڊاڙ** ج **بُونْداڙُون (ل):** ث. ڏُونڊاڙ (جانور يا مرونءِ جو).

• **بُونْڊِڙ** ج **بُونْڊِڙِيُون:** ث. سُوئر جي مادي ـ پُونڊِڙ.

• **بُونْڊو** ج **بُونْڊا (ڪ):** ذ. پُونڊو ـ بُجو.

• **بُونْڙي** ج **بُونْڙِيُون (ڪ):** ث. هڪ قسم جي ٻڪري.

• **بونس:** ذ. [انگ. bonus] مقرر ٻڪهار کان سواءِ وڌيڪ مليل عطير يا بخشش.

• **بُونْڦاڙ بُونْڦُوڙ:** ذ. ڏاڍ جو هڪ قسم (ڪنهيءِ جي نموني جهڙو. جو مينهن وسڻ بعد زمين مان اُپري) ـ پَڌ پهيڙو ـ بُنْهن ڦوڙ (ت). مچيءِ جو هڪ قسم (ڪ).

• **بُونِگاهَ** ج **بُونِگاهَ (ڪ):** ذ. برسات تي آباد ٿيندڙ زمين لاءِ پاڻيءِ کي ڏنل بند جو هيٺيون پاڳو.

• **بُونْهَڙ** ج **بُونْهَڙِيُون:** ث. مچيءِ جو هڪ قسم (ڊگهي. ٽانگ جي سڪل جهڙي) ـ گوج.

• **بُونْهِ:** ث. [ف] بَوءِ ـ باڻس.

– **بُونْهائتو:** ذ. صفت. بُوءِ وارو ـ باڻسارو.

– **بُونْهِ بڏاس پوڻ (ت):** ٿوري خبر پوڻ ـ ڪڙڪ پوڻ.

– **بُونْهِي:** ث. بَوءِ ـ باڻس.

• **بُونْهِرِجَنْ** (ت): فعل مجهول. ڪاوڙجڻ ـ ناراضپو ڏيڪارڻ. (بونهريو ـ بُونهريو ـ بُونهريل).

• **بُونْهِرو** ج **بُونْهِرا (ل):** ذ. بُهرو ـ تهڪاڻو. گهوڙي جو اونداهو طنبيلو.

• **بُوهَ** ج **بُوهُون:** ث. مِٽي پاڻيءِ جي مچيءِ جو هڪ قسم.

• **بوهِيندو** ج **بوهِيندا:** ذ. بوڙيندو.

• **بُوءِ** ج **بَوا:** ذ. پڪيءِ جو هڪ قسم (جو رات جو دانهون ڪندو آهي).

• **بُوهارَ** ج **بُوهارُون (ڪ):** ث. اُها ڍڳي يا مينهن جنهن جا ڳوٺا ڦوهاري وانگر نڪرن.

• **بُوهارِجَنْ** (ل): فعل مجهول. شورجڻ ـ ڪاوڙجڻ ـ ڦنوندارجڻ. (بُوهاريو ـ بُوهاريو ـ بُوهاريل).

• **بُوهارو** ج **بُوهارا (ڪ):** ذ. ڦنوهارو.

• **بُوهاڙِجَنْ:** فعل مجهول. ڇهنڻ ـ چنبڙڻ. (بُوهاڙيو ـ بُوهاڙيو ـ بُوهاڙيل).

• **بُوهڑ:** ذ. بُهرو. خالہ.

– **بُوهڑ پِرَ:** پيٽ پيرَ.

• **بوهرا:** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ فرقي جو نالو ـ بوري.

• **بوهرو ج بوهرا:** ذ. "بوهرا" فرقي جو فرد ـ وونرو ـ بوري.

• **بوهري:** اسر خاص. وونرا ـ بوري.

• **بُوهڙ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. قنبر ۽ جاتي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بُوهڙڪي:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بُوهڙ:** ث. ڪنڌهر سرَ (جا ٻني ۾ ٿي سڙي ڳري ويل هجي). رڍ جو هڪ قسر.

• **بُوهڙ:** ذ. پراڻو لوهہ ـ ڪٽيل پراڻو لوهہ (جنهن مان خَبٹ الحديد جو ڪُشتو ناهين). ٻني ۾ سڙيل ۽ ڳريل سرن جو ڍڳ. پُوتي جو هڪ قسر (ت). مڇيءَ جو هڪ قسر (نانگ جهڙي، ڏيگهہ اڌائي فوٽ ڪن) ـ مار ماهي ـ بُونهڙ ـ سنگ پا.

• **بوهي ج بوهي:** ذ. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسر. پکيءَ جو هڪ قسر. (اسر خاص) تعلقي ٽني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بوهيارو ج بوهيارا:** ذ. واڪو واڪاڻ ـ هَل ـ گوڙ ـ هنگامو. ڏمجر ـ غلغلو. ٻوڪ جو تکڙو اوسرَ.

– **بوهيارو ڪرڻ:** گوڙ ڪرڻ ويڑهہ يا فساد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ (ت).

• **بوهي ڇڻو ج بوهي ڇڻا:** ذ. تيلي قُرين جو هڪ قسر (جنهن جا ڏاڙا بيضوي ٽين. ۽ پُڄي ڪائجن) ـ بوهي مَڳ.

• **بوهيڙو ج بوهيڙا (لس):** ذ. بوتي جو هڪ قسر (ننڍو ٻوتو. سڏو ايري ۽ سلن کي هيسي) "ٻهوت بوهيڙا برسراڻيا، پيا ولين پاتاور" (مگسي برادين).

• **بوهي مَڳَ ج بوهي مُڳَ:** ذ. بوهي ڇڻو ـ مُڳ ڦري.

• **بَوءِ بُوءُنْ:** ث. [فـ بُو] بانُس ـ ڏب ـ ڳنڊ. واسَ ـ هڪاءِ (۱) "محبتي ميهار جي. باالله پييم بوءِ" (شاه). (۲) "تہ ويراڳي تو واس. بَر ۾ بُوءُن موڪلي" (شاه).

– **بُوءِ دارُ:** ذ. صفت. بانُس وارو.

• **بُوءِ يڻانس:** ث. سوگ ـ ڪراهت.

• **بُوڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُوڙا ج بُوڙاڻُونْ:** ث. بيءِ جي پيٽ ـ پٽي "ڏندن بُوڙا. ڏند ڪيندا ڳوها" (بهاڪو).

• **بُوڙدارُ (ت):** ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قسر ـ سڳداسي.

• **بُوڙڻُ:** مصدر. [سن. وَپَنَنْ > وپْ: هـ. بونا] پوکڻ ـ ڪاشت ڪرڻ. (بُويو ـ بُوئيندو ـ بُويل).

• **بُوڙو ج بُوڙا:** ذ. صفت. طهر ڪندڙ ـ حجام.

• **بوڙي:** ذ. صفت. [انگ. boy] ڪُڙي ويلي ۽ لاءِ نوڪر ـ ٻَڙو.

• **بوڙي:** ث. مني پاڻي، جي مڇيءَ جو هڪ قسر.

• **بوڙيلو:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بوڙيمادر، بُوڙيمادرانْ:** ذ. [فـ بوي مادر] دوا طور ڪم ايندڙ ٻوتي، جو هڪ قسر.

• **بوڙي مُڳَ:** ذ. بوهي مُڳَ ـ بوهي ڇڻا.

• **بويارو ج بويارا:** ذ. گوڙ گهمسان ـ بوهيارو.

• **بُوءِ ج بُويا:** ذ. [انگ. buoy] سامونڊي بندر تي پاڻيءَ ۾ ڪنڊ وڌو لوهي ٿنبو (جو گوڳڙءَ جي شڪل تي ٿئي. ٻيڙين ۽ جهازن کي ٻڌي بيهارڻ لاءِ استعمال ٿئي).

• **بَهَ ج بَهُونْ (ت):** ث. (ڪتن جي) پونڪ ـ باهوڙ.

• **بِهہ:** صفت. [ف] چگو ـ سُنو. بَيءَ ـ ٻليتي.

– **بِهہ وجهڻ:** ٻليتي وجهڻ (ڪاڏي ۾). ٻوهہ ڪرڻ.

• **بِهُ ج بِهہ:** ذ. [سن. وِسَ] ٻيڙ جي سوراخدار پاڙ (جا پاڻيءَ طور ڪم اچي).

• **بَهُ:** [پرا. بَس] ڪٺڪ جي ڳاهيل تيلين جو گاهہ (جو مال جي چاري لاءِ) گاري ۾ ملائڻ لاءِ ڪم اچي).

– **بَهہ سان پِرَ:** جانور جي ڪَل يا ڪنهن ڳوٽريءَ يا ڳوڙ ۾ بَهہ تنبڻ. سخت مار ڏيڻ (جڏهن ڪل لاهي بَهہ سان پِرَ). تنبي چڏڻ ـ ڳڏي چڏڻ.

– **بَهہ ڪَل پِرائڻ:** گري سزا ڏيارڻ ـ سخت سيکٹ ڏيارڻ.

– **بَهہ ڪري چڏڻ:** صفا ڪٽ ڪري چڏڻ ـ بلڪل ڪمزور ڪرڻ.

• **بَهہ واري ج بَهہ واريون (ث):** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسر (هن ڪجيءَ جي پرسان بَهہ جو ڪوڙو رکيل هو. جنهن تان مٹس نالو بَهہ واري پيو. ڪنڊرا شهر ۾ ٿئي).

• **بَها ج بَهائُون:** ث. [ع. بهاء = حُسن: فـ بَها] قيمت ـ اڳهہ ـ مُلهہ ـ دام. عوض ـ بدلو "خون بها".

– **بَها بَرڪت:** ث. تورڻ وقت ڏاڙائيءَ جو پهرئين ڏاڙي لاءِ آواز. اصلي جوهر ـ ذاتي خصوصيت. فائدو.

– **بَها بَرڪت نِڪرڻ:** اصلي جوهر نڪري وڃڻ ـ فائدي جو اثر نڪري وڃڻ.

– **بَها ڪرڻ:** مُلهہ ڪٹڻ ـ قيمت بڌڻ.

• **بَها:** صفت. فقر جي هڪ اصطلاح موجب فقيهن جو قبول ڪيل.

• **بَهاب:** اسر خاص. تعقلي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَهادُرُ ج بَهادُر:** ذ. صفت. [ف] پهلوان ـ دلير ـ شجاع ـ سورهيہ. همت وارو ـ جرات وارو.

– **بَهادران:** ظرف. بهادريءَ سان دليرائي.
– **بَهادري** ج **بَهادريُون:** ث. پهلوائي ۽ دليري ۽ سورهيائي ۽ شجاعت.
– **بهادري ڏيکارڻ:** سورهيائي ڏيکارڻ ۽ پهلوائي ڏيکارڻ. (طنزاً) وڏو ڪم ڪرڻ ۽ قاڙها مارڻ.
• **بَهادُراڻي:** اسم خاص. خليلاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بَهادُريو:** اسم خاص. ڪڪڙ ۾ ٿل تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.
• **بَهارَ** ج **بَهارُون:** ث. [ف] گلن جي ڦٽڻ جي موسم ۽ بسنت رُت (جا ڦڳڻ، چيٽ ۽ ويساک واري سيماهي ۾ تقريباً ۱۵ فبروري کان ۱۵ اپريل تائين آهي). خوشي ۽ راحت ۽ آنند ۽ فرحت. رونق ۽ جهڳمگ. سبزي ۽ ساوڪ.
– **بَهاري** ج **بَهاريُون:** ث. گلن ڦٽڻ جي موسم بسنت رت. خوشي ۽ راحت ۽ آنند. رونق. (صفت) بهار جي.
– **بَهاري قَراري:** ث. خوشي ۽ جڳمگاٽي ۽ آرام قرار. رونق ۽ تازگي.
• **بَهارُ** ج **بَهارَ:** ذ. [ف] بسنت جي موسم ۽ بَهار هڪ راڳڻيءَ جو نالو. (ذ. صفت) خوش. سرسبز ۽ سرهو ۽ نڙيل. [ع. بَهار] هڪ قسم جو خوشبودار جهنگلي ٻوٽو (جنهن کي پسند ڪرڻ سبب سالار محمد بن قاسم جو ڪُنيو "ابوالبَهار" ٿيو). [سن. وهارَ] وندر ۽ مزو. کيل ۽ تماشو. سير، گردش. ڀڏ يا جين ڏرم وارن جو مندر (محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ ۾ ٻڌ ڏرم جي هيئين مندرن جا نالا "فتحنامي" سان ملن ٿا: ۱. آشبهار ۲. نؤبهار ۳. وڪر بهار.
– **بَهار بَهار ٿيو:** تمام خوش ٿيو.
– **بَهارِجڻ:** فعل مجهول. بهاريءَ ۾ آڻڻ. بهار بهار ٿيڻ. سر سبز ٿيڻ. گلن ڦلن جو نڪرڻ (بهاريو ۽ بهاريو ۽ بهاريل).
• **بَهاريو:** صفت. [ف] بهار تي ٿيهيل (قصيدو).
• **بِهارُ، بَهارَ:** ذ. [سن. وهارَ] وندر ۽ مزو ۽ کيل ۽ تماشو. سير .. گردش. (اسم خاص) پارت جي هڪ مشهور شهر ۽ پرڳڻي جو نالو.
– **بِهاري:** ذ. صفت "بِهار" جو رهاڪو. (اسم خاص) شري ڪرشن جو نالو.
– **بِهاري خَطّ:** ذ. لکڻيءَ جو هڪ نمونو.
• **بَهارپُور:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَهارِستان:** ذ. [ف] سدا سر سبز باغ. (اسم خاص) مولانا جامي جو تصنيف ڪيل فارسي نثر جو هڪ مشهور ڪتاب (جو هن سعدي، جي "گلستان" جي تتبع ۾ لکيو).
• **بَهارَڻ:** اسم خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بِهارَڻ:** مصدر. ڏسو "بيهارڻ".
• **بَهارو:** اسم خاص. مرد جو نالو (شاهه بهارو جهنجهڻ. نور محمد ڪلهوڙي جو مشهور سپه سالار هو. جنهن قلات جي والي عبدالله خان سان جنگ واري موقعي تي پاڻ موڪيو "بازي بَهارو، شاهه ڪٽي ويو شير ڪون" (جلال). (اسم خاص) رياست خيرپور ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَهارو ڪوڪَر:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بِهاگ:** ذ. هندستاني پڪي راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو ڏسو "وهاگ".
• **بَهانو** ج **بَهانا:** ذ. [ف. بهانه] عُذر ۽ ڪوڙو سبب. حيلو.
– **بَهانائي** ج **بَهانائي:** ذ. صفت. بهاني باز ۽ ڪوڙا عذر ڏيندڙ. ٺاهڻو ۽ گوسڙو. مڪار ۽ ڏڳ.
– **بَهانو ڪرڻ:** ڪوڙو عذر ڪرڻ. ٺاهڻ.
• **بَهانَ:** ذ. [ف] ڏسو "بَهانو".
– **بَهانَ جُو:** ذ. صفت. بهانا گوليندڙ ۽ حيلي باز ۽ فريبي ۽ مڪار ۽ ڇُندر.
– **بَهانَ ساز:** ذ. بهانو جوڙيندڙ ۽ ڏونگي.
• **بَهاوَلپُور:** اسم خاص. پاڪستان جي هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَهاول شاهه:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَهاءُ الدّين:** اسم خاص. [ع. لفظي معنيٰ "دين جو حُسن"] (شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني) هڪ مشهور درويش ۽ ولي الله جو نالو (جنهن جي درگاهه ملتان شهر ۾ آهي).
• **بَهائِم:** ذ. [ع. بَهيمه ج بَهائم] مِرون ۽ پَسُون ۽ حيوان.
• **بُهائِڻ:** مصدر. ڪنهن جانور جي ڪل کي ڪڪن ۽ ٻُهه سان پرڻ. (بهائيو ۽ بَهائيندو ۽ بَهايل).
• **بَهائي:** اسم خاص. [ع] هڪ فرقي جو نالو (جنهن جو پيشوا "بَهاءُالله" نالي ايران ۾ ٿي گذريو آهي).
• **بِهْبُود، بِهْبُودي:** ث. [ف. به + چگر + بُودي < بودن (= هئڻ)] چڱائي ۽ پلائي ۽ خيرخواهي ۽ بهتري ۽ برتري. فائدو.
• **بُهتانَ** ج **بُهتان:** ذ. [ع] ڪوڙو الزام ۽ ڪوڙي تهمت.
– **بُهتان ٻڌڻ:** ڪوڙي تهمت رکڻ ۽ ٺڪ ريجڻ.
– **بُهتان تَراش:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام ڏيندڙ ۽ ڪوڙي تهمت لڳائيندڙ.
– **بُهتان تَراشي:** ث. ڪوڙي تهمت لڳائڻ جو فعل.
– **بُهتانو** ج **بُهتانا:** ذ. ڪوڙو الزام ۽ اڃائي تهمت.
– **بُهتاني** ج **بُهتاني:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام لڳائيندڙ.
• **بِهْتَر:** صفت. [ف] وڌيڪ چگر ۽ زياده سُٺو ۽ زور ڀلو.
– **بِهتَري:** ث. چڱائي ۽ پلائي.
– **بِهتَرين:** صفت. سڀ کان چگر ۽ ازحد چگر ۽ چگي ۾ چگر.

• **بَهْجَتَ:** ث. [ع] خوبصورتي ـ حسن و جمال، شان ـ برتري، خوشي ـ فرحت، ڦُرتي ـ جُستي.
• **بَهَدُرُ ج بَهَدُرَ (ك):** ذ. صفت. بهادر.
• **بَهْر:** ظرف. [ف] واسطي ـ كارن.
– **بَهرِ خُدا:** محاور. خدا جي واسطي "قاصد ذي كل بهرخدا، ايندو دوست مِنو دلدار كڈهن" (صاحبڈنو شاهه بلڙي، وارو).
• **بَهَرْ:** حرف ربط. [فـ به + هر] هر كنهن سان.
– **بَهرحال:** ظرف. كنهن به طرح ـ جيئن ٿي سگهي.
– **بهرصُورت:** ظرف. كيئن به كري ـ كنهن به نموني.
• **بَهْرام:** اسم خاص. [ف] ايران جي ساساني بادشاهن مان هڪ مشهور بادشاه جو نالو. بهرام گور. (غالباً 'بهرام گور' جي نالي پويان ناهيل سنڌي قصي "بانڪو بهرام" جو سُورمو ـ بانڪو بهرام. ضلعي لاڙڪاڻي جي بن گوٺن ۾ ديهن جو نالو ('بهرام هيٺيون' ۽ 'بهرام مٿيون').
– **بَهرام چَرْخ:** اسم خاص. مريخ گرهه ـ منگل ديوتا.
– **بَهرامي:** ث. [ف] بهادري ـ شجاعت، كوس.
• **بَهْرانُو ج بَهْرانا:** ذ. ڏسو "بَهرانُو".
• **بَهَرانِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْرُو ج بَهْرا:** ذ. [ف. بَهْرهٔ] حصو ـ پاڳو ـ بَحرو "سوز عشق جو سپرين، بهرو كو بخشيج" (بيدل). فائدو.
– **بَهرو وَنڊ:** حصو وٺڻ. ورڇ وٺڻ. كم ۾ شريڪ ٿيڻ.
• **بَهْرُو ج بَهْرا:** ذ. [سن. پَوم گُرهَمْ] زمين دوز كوٺي ـ تَهخانو. بجاءِ لاءِ اندرين كمرو ـ بجاءِ گهر. ڄُر ـ غار. اوناهو طنبيلو. سوراخ ـ ٽنگ (ت). كنوار جي ونواه ۾ ديهڻ جي جاءِ.
• **بَهَروَنڈ:** بخت واري ـ پلاري.
• **بَهْرَهْ:** ذ. [ف] ڏسو "بَهرو".
– **بَهره بَرْ:** ذ. صفت. پاڳي نيندڙ ـ پاڳي پائيوار ـ شريڪ.
– **بَهره دار:** ذ. صفت. ڏسو "بهره بر".
– **بَهَره مَنْد:** ذ. صفت. پاڳي وارو. خوش بخت ـ آسودو.
– **بَهره وَرْ:** صفت. پاڳو وٺندڙ ـ حصو وٺندڙ. قسمت وارو. فائدو حاصل كندڙ. سوياروـ كامياب.
– **بَهره ياب:** ذ. صفت. با مُراد ـ كامياب.
• **بَهْري:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْري قِدي:** ث. يڪيءَ جو هڪ قسم.
• **بَهْرِيُونْ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهْرَڻُ** (متعل) مصدر. باهَرڻ. ٽاپو كائڻ ـ ٽِرڻ. پُلجي وڃڻ ـ غلطي كرڻ. بَڪڻ ـ پَنيلڻ. (بَهڙيو ـ بَهڙندو ـ بَهڙيل).
– **بَهوَرْ ج بَهَوَرُون:** ث. باهوڙ.
– **بَهوَڙڻُ:** مصدر. "بَهوَرْ" مان متعدي بالواسطه. باهوڙائڻ. پٽكائڻ. برغلائڻ ـ پنيلائڻ.
– **بَهوڙي وڃڻ:** باهوڙجي وڃڻ. ٽڙي وڃڻ. ٽاپو كائڻ.
• **بَهُوڙِي ج بَهُوڙِيُون (ك):** ث. يڪيءَ جو هڪ قسم (سڳ وڏا ٽين).
• **بَهْسَڻُ:** مصدر. ڏند كڍي كلڻ. ڏند شيكڻ. (بَهسيو ـ بَهسندو ـ بَهسيل).
• **بُهْسَڻُ:** ذ. بگهڙ جي اُوناڙ.
• **بَهِشْ** (ك): ذ. بَحْتَ.
– **بَهِشي، بَهِشِير:** ذ. صفت. بَحثي ـ هوڏي ـ ضدي.
• **بِهِشْتُ ج بِهِشْتَ:** ذ. [ف] جنت ـ سرڳ، فرحت ـ آرام ـ آسائش، عيش آرام جي جاءِ.
• **بِهِشت وِ خَجر (كلو) وجهڻ:** صلح ۾ وڳوڙ وجهڻ ـ بدامني ٿهلائڻ. غير مناسب هلت هلڻ. رنگ ۾ پنگ وجهڻ.
– **بِهِشْتِي ج بِهِشْتِي:** ذ. صفت. بهشت وارو ـ جنتي. بهشت جي لائق. بخالي ـ سڻاءِ.
• **بِهِشْتِي:** اسم خاص. تعلقي گهوتكيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهِشْكارُ:** ذ. [سن. وَهِشْكارَ = إخراج. نيكالي] قطع تعلقات ـ ترك موالات ـ بائكاٽ (boycott).
• **بِهَكْ ج بِهَكُون:** ث. ڏسو "بِيهَكْ".
• **بَهْكُڻُ، بَهَكْڻُ:** مصدر. [سن. بُكْ، بِشَڻ، وُكِ] پونڪڻ "بَهي بهكي اَئيو گهڏي منجهان گهور" (شاه). (بهكيو ـ بهكندو ـ بهكبل).
– **بَهْكُ، بَهَكْ ج بَهكُون:** ث. پونڪ ـ باهوڙ.
– **بَهكائڻ:** مدر. پونكائڻ. بچ كرائڻ ـ چيڙڻ. [هـ. بَهاكانا] برغلائڻ ـ پنيلائڻ.
• **بَهلائي:** اسم خاص. تعلقي كنڊ ياري ۾ هڪ گوٺ ۽ ديهه جو نالو.
• **بَهْلائِڻُ:** مصدر. [سن. وِهَرْ: اُردو. بهلائيندو ـ بهلايل).
• **بَهْلَكائي:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي كنڊ كوٺ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَهلُوزُ:** اسم خاص. هڪ ڏنڊ جو نالو.
• **بَهْلُولُ:** ذ. صفت. [ع. بَهلول] كهٽو كلندڙ. مسخرو ـ چرچائي ـ ظريف. پلومانس. سِيني بلاين جو مالڪ. (اسم خاص) هڪ ولي، جو نالو. لوڏي گهرائي جي باني بادشاه (بَهلول لوڏي) جو نالو.

• **بهلولاڻي:** اسر خاص. لغاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو (جنهن مان 'حمل فقير لغاري' شاعر ٿيو).

• **بَهْلِيرُ ج بَهْلِيرَ:** ذ. صفت. پهلوان ـ بهادر ـ سورهيه ـ سورمو. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو جنهن مان مورڙو ٿيو (جنهن مڃ کي ماريو. سندس ڏاڏا 'بالو' ۽ 'بالاڃ' هئا) 'بالو ۽ بالاڃ هئا. ذات پلي بهليرا".

• **بَهَرْ:** ظرف. [ف. به + هر] پاڻ ۾ ـ گڏ ـ ساڻ.

• **بَهْمَن:** اسر خاص. [ف. بهمن = هوشيار] ايران جي هڪ آڪاٿي بادشاهه جو نالو (جنهن کي 'اردشير' به چوندا آهن. جو 'اسفند يار' جو پٽ هو. هن سنڌ ۾ 'بهمن آباد' جي نالي سان شهر ٻڌايو. جنهن تي پوءِ 'برهمن آباد' جو نالو پيو). ايراني شمسي سال جو نائون مهينو.

• **بَهْمَنِي:** اسر خاص. [سن. بْرَهْمَنُ > بهمني (= بهمن يا برهمڻ جو)] دکن هندستان جي هڪ شاهي خاندان جو نالو (جنهن جو باني 'علاءالدين حسن گنگو' هو ۽ جنهن کي اڳاڙل ۾ هڪ برهمڻ پاليو هو).

• **بَهْمَنُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهْمَنُ:** ذ. [ع. ف. بَهْمَن] پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (جو اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو (اسر خاص) تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهْمَنْ وادي:** اسر خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهْنُ:** مصدر. [پرا. بَسَنَّ؛ سن. بَشَنَ] پونڪڻ ـ بَهڪڻ "بهي بَهڪي اٿيو. گهڏي منجهان گهور" (شاهه). باهوڙ ڪرڻ. بَڪڻ. مخالفت ۾ شاهدي ڏيڻ (ت). (بهيو ـ بهندو ـ بهيل).

• **بَهَنْ ج بَهَنْ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ نرم ٿئي ۽ خاص طرح جندين جي سامان جوڙڻ ۾ ڪم اچي) ـ باهَنُ.

• **بِهَنْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِهَنْ:** مصدر. ڏسو "بيهڻ".

• **بَهو (ل):** ذ. اٽ جي بدن جو ڏڏ ڪان ولي پٽي ۽ تائين حصو.

• **بَهُو:** ذ. [سن. بْلوشَ = بهه؛ اردو. بهت] جهجهو ـ گهڻو ـ جال ـ ڪور.

• **بَهُورُ ج بَهُورَ:** ذ. ويچار ـ ڳڻتي. سُور] ڏمو ـ جذبو. جوش ـ جَلال.

— **بَهُورُ جهڻ:** ڳڻتيون ڇڻڻ ـ ڳڻتين ۾ پوڻ.

— **بَهُورُ ۾ پوڻ:** ڳڻتيون کائڻ ـ خيالن ۾ پوڻ.

• **بَهُورَجَڻ:** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ اچڻ. خوش ٿيڻ. (بهوريو ـ بهوريو ـ بهوريل).

• **بَهِي:** ش. [سن. بَشَنَ] ڏاڙهي ـ بَهڪ (ڪتي جي).

• **بَهِيُ:** صفت. [ع] سهڻو ـ وڻندڙ.

• **بِهِي:** ش. [ف] بهتري ـ نيڪي ـ ڀلائي. خوشحال. خوشبودار ميري جو هڪ قسم (جنهن مان ٻيهي داڻا نڪرندا آهن).

— **بِهِي خواهه:** ذ. صفت. پلو چاهيندڙ ـ خيرخواهه.

• **بَهِي ج بُهِيُون (ل):** ش. مال چارڻ جو اجورو. پگهار ـ معاوضو.

— **بُهِيُون بانڌڻ (ت):** محاورو. زمينون ۽ اُن سان واسطو رکندڙ ڪم ڪار ۽ ليکو چوکو.

• **بَهِيرَ ج بَهِيرُون:** ش. [ف. بهير = لشکر جا ماڻهو. مڏي جو انالو] قافلو ـ ساٿ "جنهن جو آرياڻي اڳوان، تنهن کي ڪانهي باڪ بهير ۾" (شاهه: ديسي). ماڻهن جو انبوهه. قطارن جي ڳاهه "وهي وڻجارن جي، بندر ڏانهن بهير" (شاهه: سريراڳ). "ڪانهي بس بهير کي، هل چل پيئي پيئي" (شاهه: سهڻي).

— **بَهِيرَ ٻڌڻ:** انبوهه ڪري اچڻ. تمام گهڻي تعداد ۾ (ماڻهن جو) اچڻ.

• **بَهِيرَ:** ث. هارين جي اصطلاح موجب لوڙهي جي تاب تاب (ماري بين سيني پاسن کان توڙا توڙا ڏنگهر ڏيئي چڏيندا ۽ فقط هڪڙي وات چڏيندا، جنهن تي 'ڏب' يا داهه اڏي چڏيندا).

• **بُهِيرَ ج بُهِيرَ (ڪ):** ذ. پاڙيسري.

• **بَهِيمائي:** اسر خاص. تعلقي ٽني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهِيمَه:** ذ. [ف] مرون. پسون. ڍور.

— **بَهِيمي:** صفت. مرون، جو. حيواني.

• **بَهِين:** اسر خاص. تعلقي ڏڳهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَٽ:** ث. [ع. بَيع (= وڪرو) جو بگڙيل] قيمت ـ مُلهه.

— **بَٽ ڪرڻ:** قيمت ڪرڻ ـ مُلهه ڪرڻ.

— **بَٽِ ۾:** ظرف. رکيل ملتوي.

• **بَٽانْڊِري:** ث. [انگ. boundary] باڙوندري ـ حد.

• **بَٽِلُ ج بَٽِلَ:** ذ. [سن. بَلِبوزْدَ] بيل ـ ڍڳو ـ ڏاند. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو (اڪثري ڪراچيءَ ۾).

• **بَٽَنْڊرو (ت):** ذ. خيال. رُخ (زماني جو) ـ حال چال.

— **بَٽنڊرو ڦيرِي وڃڻ:** خيال تبديل ٿي وڃڻ ـ طبيعت ۾ ڦيرو اچڻ.

• **بَٽَنْسَرُ ج بَٽَنْسَرُون:** ث. ڏسو "بَٽَنْسر".

• **بَٽَنْسرو ج بَٽَنْسرا:** ذ. باز جو هڪ قسم.

• **بَٽُوٽَ (ت):** ث. ٻڪ. گهرج. سَڄ. تحط. جهٽو بخار ـ بوٽ.

• **بَٽُودَ ج بَٽُودَ (لس):** ذ. صفت. پوش ـ وحشي.

• **بَٽُوسَ ج بَٽُوس:** ذ. صفت. [ع. وُحُوش] بَٽوش. وحشي ـ جهنگلي. اُن سڏريل. ڇڄ ـ ٻُوزان ميرو ـ گندو ـ ڪنو. اَناڙي ـ آدنگو.

• **بَٽُونْ (ت):** ظرف. ڏائڻ ۾ ـ تکبر ۾ ـ هٺ ۾.

• **بٽي ج بَٽِيُونْ:** ث. مقرر هنڌ. منزل مقصود.

– **بَثي ور:** ظرف. هلندڙ (معاملو) ـ آڻ فيصل ـ زير غور.
• **بَثي (ل):** ث. طعام ور پيل کا ناجائز شيء.
• **بُثي:** ث. [هـ. بويا، بوئا] پيءِ جي پيڻ ـ پڦي.
• **بي:** صفت. ظرف. [ف] سواءِ ـ ڌاران ـ بغير ـ بن. (ذ) صفاتي اڳياڑي (جا لفظن جي اڳيان اچي نفي يا انڪار جي معنيٰ ڏيڪاري "بيعقل. بي شعور. بي ادب. وغيره").
– **بي آب:** صفت. پاڻيءَ کان سواءِ ـ سُڪل ـ خشڪ. بيعزت. بي مان.
– **بي آبرُو:** صفت. بيعزت ـ بي مانو.
– **بي آبرُوئي:** ث. بيعزتي ـ بي مانائي.
– **بي آبو ج بي آبا:** ذ. صفت. پاڻيءَ کان سواءِ ـ خشڪ. بيعزت ـ بي مانو ـ بي آبه.
– **بي آبي:** ث. پاڻيءَ نه هڻڻ جي حالت ـ سوڪ ڏڪائي ـ بيسوادائي.
– **بي آدرو:** ذ. صفت. بي مانو ـ بيعزت ـ آڻگو.
– **بي آڏر:** ذ. صفت. بي آدرو. بي پهچ.
– **بي آرامُ ج بي آرامَ:** ذ. صفت. بي سُکو ـ بيقرار ـ پريشان. بيچين. جنهن کي نند نه اچي.
– **بي آرامي:** ث. بيقراري ـ آنڌ ماندَ ـ لوڇ پوڇ. پريشاني.
– **بي آزارُ:** ذ. صفت. آزار کان سواءِ. معصوم.
– **بي آشنا:** ذ. صفت. ناواقف. بي دوست.
– **بي آگاه:** ذ. صفت. اڻواقف. جاهل. بيخيال.
– **بي آگاهي:** ث. بيخيالي. اڻواقفي. جهالت.
– **بي آگهي:** ث. بيخبري ـ جهالت.
– **بي آميز:** ذ. صفت. آڻ ڳڏيل. صاف.
– **بي آهنگ:** ذ. صفت. بي تالو. بي سُرو. آڻ تيار.
– **بي اِتفاق:** ذ. صفت. بکيڙائي. جهيڙاکار. ڦيٽاڙو وجهندڙ.
– **بي اِتفاقي:** ث. ناسازي ـ اڻبڻت.
– **بي اَثَرُ:** ذ. صفت. اثر کان سواءِ. بيفائدو ـ عبث ـ اجايو.
– **بي اَجَلُ:** ظرف. اجل يا مدي کان سواءِ. بيوقتو ـ ڪُهلو.
– **بي اِحترام:** ذ. صفت. بي لڄو. بي ادب.
– **بي اِحترامي:** ث. بي اَدبي.
– **بي اِحتياجُ:** ذ. صفت. آڻ گهُرجائو. آزاد.
– **بي اختيار:** ذ. صفت. اختيار کان سواءِ. بيوس ـ عاجز.
– **بي اختيارانه:** ظرف. پاڻمرادو ـ آزخود.
– **بي اختياري:** ث. بيوسي ـ عاجزي.
– **بي اَدَبُ ج بي اَدَبَ:** ذ. صفت. ادب کان سواءِ ـ آڻگو. بي چيو. گستاخ. بدتميز. شوخ. شرير. بيحيا.
– **بي اَدبائه:** ظرف. بي ادب نموني ور. آڻگائيءَ سان.
– **بي اَدبي ج بي اَدبِيُون:** ث. بد فضيلتي. آڻگائي. گستاخي. اهنڌائي. شوخي.
– **بي اَرْثُ:** صفت. [ف. بي + سن. اَرْثَ] بي مطلب ـ اَجايو.
– **بي اَصْلُ:** صفت. بي بنياد.
– **بي اِطلاع:** صفت. بيخبر. بنان سَڌ جي.
– **بي اِعْتِبارُ:** صفت. جنهن تي پروسو نه ڪري سگهجي ـ بي پروسي. نامعتبر.
– **بي اِعْتِبارو ج بي اِعتبارا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ بي پروسي. خيانتي ـ ڪپتيو.
– **بي اِعْتِباري:** ث. بي ويساهي ـ بي اعتمادي.
– **بي اِعْتِدالُ:** ذ. صفت. نابرابر ـ ناموافق. وڌيڪ حالت وارو نه.
– **بي اِعْتِدالي:** ث. نابرابري ـ ناموافقت. ناهموزني.
– **بي اِعْتِقادُ ج بي اِعْتِقادَ:** ذ. ڪنهن ور به ويساه نه رکندڙ. بي ويساهو. ڪنهن تي به پروسو نه رکندڙ.
– **بي اِعْتِمادُ:** ذ. صفت. بي پروسي. بي اِعتبار.
– **بي اِعْتِمادي:** ث. پروسي نه هجڻ جي حالت. بي اعتباري ـ بي ويساهي.
– **بي اِعْتِنا:** ذ. صفت. بيپرواهه ـ لاغرض ـ بي ڌيانو.
– **بي اِعْتِنائي:** ث. بي ڌياني. بيپرواهي ـ لاغرضي.
– **بي اِلْتِفاتُ:** ذ. صفت. بيخيال.
– **بي اِلْتِفاتي:** ث. بي ڌيانائي ـ بيخيالي ـ بيپرواهي.
– **بي اِمْتِيازُ:** ذ. صفت. پوريءَ طرح سان سوچ ويچار نه ڪندڙ. بي تميز.
– **بي اَنْتُ:** صفت. جنهن جي پُڄاڻي نه هجي ـ لا اِنتها ـ لاحدّ. اَٿاهه. اونهو ـ عميق. اَپار. بيشمار. تمام گهڻو.
– **بي اِنتظامُ:** صفت. خراب انتظام وارو. پورو بندوبست نه رکندڙ.
– **بي اِنْتِها:** ظرف. بيحد ـ گهڻو ـ بي انت.
– **بي اَنجامُ:** ظرف. جنهن جي پُڄاڻي نه هجي ـ بي اِنتها.
– **بي اَنْدازُ:** صفت. بيشمار ـ آڻ ڳڻيو ـ تمام گهڻو.
– **بي اَنْديشه:** صفت. بيخيال ـ بيپرواهه. غافل. ناعاقبت انديش.
– **بي اِنْصاف:** انصاف نه ڪندڙ. ستمگر ـ ظالم.
– **بي اِنْصافي:** ث. ظلم ـ ستم انڌير ـ اَنياءَ ـ ناحق. بي اولاد. اُولادي: ذ. صفت. اولاد کان سواءِ ـ جنهن کي اولاد نه هجي.

– **بي اونْ:** ذ. صفت. بيفكر ـ أجنت.
– **بي اونائي:** ث. بي فكري. لاپرواهي. اطمينان.
– **بي اونوج بي اونا:** ذ. صفت. بنا گڻتيءَ جي ـ بي فكر.
– **بي اِيمانْ** ج **بي اِيمانَ:** صفت. جنهن کي ايمان نه هجي. بي پروسو. بي اعتبار. بزدل ـ گيدي. کپتيو. دغاباز. بيوفا. نمڪ حرام.
– **بي اِيمانَ ٹيڻ:** ايمان وڃائڻ. دغابازي ڪرڻ. بزدل ٿيڻ.
– **بي اِيماني** ج **بي اِيمانيُون:** ث. کپت ـ دغابازي ـ نگي. خيانت.
– **بي باعث:** ظرف. بي سبب.
– **بيباقْ** ج **بيباق:** ذ. صفت. بنا باقيءَ جي ـ بقايا کان سواءِ ـ ڏل کان آزاد. جنهن ڏي ڪجهه به رهت نه هجي. چڪتو ـ لٽ پٽ.
– **بيباقي:** ث. پاڇيءَ کان سواءِ. ڏل کان آزاد (زمين).
– **بيباڪ** ج **بيباڪ:** ذ. صفت. بي ڏپو ـ بي خوف. بيپرواهه ـ بي فڪر. دلير ـ بهادر.
– **بيباڪي:** ث. بي ڏپائي.
– **بي بال و پر:** ذ. صفت. پرن ۽ ڪنڍڑاتين کان سواءِ. ڪٽل. عاجز. بي طاقت.
– **بي بَدَل:** صفت. لاثاني ـ بيمثال. بينظير.
– **بي بَرَڪ:** صفت. بي سروسامان. مفلس ـ سُجو.
– **بي بَرَڪي:** ث. بي سروساماني. سُجائي ـ مفلسي.
– **بي بَس:** صفت. عاجز ـ بيوس.
– **بي بَسي:** ث. عاجزي ـ ناتوانائي ـ بيوسي.
– **بي بَصَرْ:** ذ. صفت. آڪين کان سواءِ. اندو. بيوقوف.
– **بي بَصيرت:** ذ. صفت. آندو. اندر جو اندو.
– **بي بِضاعَت:** صفت. مفلس ـ نڌل ـ سجو.
– **بي بَقا:** صفت. ٿوري وقت لاءِ ـ عارضي. فاني ـ ناپائدار.
– **بي بِلو:** ذ. صفت. بنا بلي جي. لاعلاج. بلاڙو ـ بي سبب. بي بندوبستو.
– **بي بَنْد:** صفت. بند يا قيد کان سواءِ ـ آزاد ـ محفوظ.
– **بي بَندوبَست:** صفت. بي انتظام. وگوڙيل.
– **بي بندوبستي:** ث. بي انتظامي.
– **بي بُنيادْ:** صفت. جنهن جو بنياد نه هجي. پيڙهه کان سواءِ. بغير بنياد جي. بد اصل ـ بي بُنو. جنهن ڳالهه جو ڪو اصل نه هجي ـ افواهي ڳالهه.
– **بي بُنيادو** ج **بي بُنيادا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو بنياد نه هجي. پوءِ ڏاڙو ـ بداصل.
– **بي بُڪو** ج **بي بُڪا:** ذ. صفت. بي بنياد. بداصل.
– **بي بُويو** ج **بي بويا:** ذ. صفت. بي باسو.
– **بي بَها:** صفت. جنهن جي قيمت نه هجي ـ اَملهه.
– **بي بَهره:** صفت. بي نصيب. محروم.
– **بي بَيانْ:** صفت. جنهن جو بيان نه ڪري سگهجي. ڳالهه ڪرڻ کان مٿي. بيان کان باهر ـ چوڻ کان باهر.
– **بي باجهُ:** صفت. رحم کان سواءِ ـ بيرحم.
– **بي باجهائي** ج **بي باجهائيُون:** ث. بيرحمي ـ بي قياسي.
– **بي باجهو** ج **بي باجها:** ذ. صفت. بيرحم ـ ڪٺهرو ـ نامهربان.
– **بي پَگو** ج **بي پَگا:** ذ. صفت. بي ڏپو ـ بيخوف. دلير ـ بهادر.
– **بي پَڙ:** ذ. صفت. بي ڏپو ـ بيباڪ ـ بيخوف.
– **بيتابْ** ج **بيتاب:** ذ. صفت. بيچين ـ بيقرار ـ بي آرام. پريشان. گهبرايل.
– **بيتابي:** ث. بيچيني ـ بيقراري ـ بي آرامي. گهبراهٽ ـ پريشاني.
– **بي تارو** ج **بي تارا:** ذ. صفت. جيڪو سُر تار تي پورو نه هجي ـ بيتالو.
– **بيتالْ** ج **بيتال:** ذ. صفت. تار کان باهر. انداز کان باهر. بي ڍنگو. بدعادتو. گمراهه ـ پڪندڙ.
– **بيتالو** ج **بيتالا:** ذ. صفت. جو سُر تار تي پورو نه هجي ـ سُر تار کان باهر. اڻڪو. اَڻ وٽندڙ. آوارد ـ رولو. آنجيءَ کان سواءِ (لغ) (ث) بيتالي ج بيتالين.
– **بي تامل:** ظرف. ڏيرج کان سواءِ ـ بي صبر.
– **بي تحاشا:** ظرف. بي اختيار. اَڏ ڏنڊ ۾. بي تامل. بيڌڙڪ ـ بنا ڪنهن ڏب ڏاءَ جي.
– **بي تدبير:** صفت. تدبير کان سواءِ. بيخبر.
– **بي ترتيب:** صفت. پوريءَ سڀاڻ نه ٻيهڻ ـ تنظيم کان سواءِ.
– **بي تردد:** ظرف. هٽڪ کان سواءِ ـ بنا هيڪ.
– **بي تعلق:** ظرف. سواءِ ڪنهن لڳ لاڳاپي جي آزاداڻ.
– **بي تقريب:** ظرف. بي سبب ـ بي عذر.
– **بي تقصير:** ظرف. ڏوهه کان سواءِ ـ بيگناهه.
– **بي تڪلف:** ظرف. ڏيکاءَ کان سواءِ. بي حجاب. سدو سنوائتو.
– **بي تڪليف:** ظرف. سواءِ تڪليف جي ـ بنا زحمت.
– **بي ٽُڪو** ج **بي ٽُڪا:** ذ. صفت. غير موزون. اَڻ پورو. فضول.
– **بي تميز:** ذ. صفت. سواءِ ڪنهن تميز جي. ناسمجهه. بي سوجهه.
– **بي تميزي:** ث. ناسمجهي. بي سوجهائي.
– **بي تو:** ظرف. توکان سواءِ ـ توريءَ ڏيان خيز خزان ۾. بي تو منجهه بهار آ ٿاهه.
– **بي تَوجه:** ظرف. بيخيال. لاپرواهه.

– **بي توشه:** صفت. بي سامان. سُجو.
– **بي توفيق:** صفت. بي طاقت. بزدل. ناتوان.
– **بي توقف:** ظرف. بنا دير.
– **بي تَه:** ظرف. ٹري کان سواءِ. آٽاهه.
– **بي ٿَمَر، ٿَمَرو ج بي ٿَمَر ٿَمَرا:** ذ. صفت. [ف. بي + ع. ثَمَر = ميوو. ترشو] جنهن کي سفر جو سامان ساڻ نه هجي ـ بناتوشي. هٿين خالي. مسڪين.
– **بي ٿَمَري:** ث. بي سَر و ساماني، واري حالت. نهي دستي ـ تنگدستي ـ غربت.
– **بي ٽانيڪو ج بي ٽانيڪا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ٽڪاڻو يا ٽڻاڪ نه هجي. بي گهرو ـ بي جايائتو. آواره ـ دربدر.
– **بي ٽيڪو ج بي ٽيڪا:** ذ. صفت. بغير ٻئي پرائيءَ جي. بي پُشت ـ بي آڌار. بي پهچ.
– **بي ٽاهه (ت):** صفت. نه لهيل ـ ڪاوڙيل ـ بيمار.
– **بي ٽڪاڻي:** ظرف. سواءِ گهر گهات جي.
– **بي ثباتَ:** صفت. جنهن کي جتاءُ نه هجي. ناپائدار ـ فاني ـ بي بقا.
– **بي ثباتي:** ث. ناپائداري ـ فنا.
– **بي جاڙو ج بي جاڙا:** ذ. صفت. اُپاڙو ـ بي بنياد. (ث) بي جاڙي ج بي جاڙيون.
– **بي جاڙي:** ث. ول جو هڪ قسم (جنهن کي جاڙ ڪاڻ لئي ۽ وڻ کي ويڑهي سگهائي ڇڏيندي آهي. دوائن ۾ به ڪم اچي) ـ وڻ ويڑهي.
– **بي جائيو ج بي جائيا:** ذ. صفت. پاڻيءَ کان سواءِ ـ سُڪو ـ خشڪ. جوهر کان سواءِ ـ بي چمڪ ـ بي رونق. بي همت. ڍڇٽو ـ بزدل.
– **بي جاپان:** ظرف. جنهن جو ڇيهه نه هجي ـ لاحد ـ لا انتها. بي انت ـ بيحساب ـ بيحد. اَن ڪٽ.
– **بي جائي:** ث. بيغيرتي. بيحيائي ـ بيشرمي.
– **بي جتو ج بي جتا:** ذ. صفت. نرلڄو. بيغيرت. بيحيا ـ بيشرم. بيعزتو ـ ڪمبخت. نود. بي اثر.
– **بي جتيائي:** ث. بي اعتباري ـ ڪويساهي. ڪپت. بي ايماني.
– **بي جتيو ج بي جتيا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ ڪپتيو ـ ڪويساهه.
– **بي جَڳَ:** ذ. صفت. بي پهچ ـ بيوس. محتاج.
– **بي جُڳو ج بي جُڳا:** ذ. صفت. اَن پڇيو. بنا اجازت. ري موڪل. ازخود ـ پاڻمرادو. ڇڄ کان سواءِ ـ لنڊو.
– **بي جَڏ:** صفت. بيءِ کان سواءِ ـ چورو. حرامي.
– **بي جَڙ:** ذ.صفت. بنا پَرن جي. بي طاقت ـ اَن سڳهو. سُجو ـ مفلس ـ ڪنگال.
– **بي جَرَه:** صفت. بنا برديءَ ـ بي حجاب. بيشرم. اڳهاڙي منهن. ظاهر ـ ڪليل.
– **بي جَرڳي:** ث. بيحيائي. خواري.
– **بي جَرو:** ذ. صفت. بنا پرن جي ـ ڪنهن ڪٽل ـ ٽرڻ. بي طاقت. سُجو ـ مفلس.
– **بيجَرواهُ ج بيجَرواهَ:** ذ. صفت. [ف. بي پروا] جنهن کي پرواهه نه هجي ـ لاغرض ـ لاباڻي ـ بيخيالو. جنهن کي ڪا ڪاڻ نه هجي.
– **بيجَرواهي ج بيجَرواهيُون:** ث. [ف. بي پروائي] بيحيالي ـ بيفڪري. لاغرضي. بي نيازي. بي ڌياڻي.
– **بي جَهيز:** صفت. جهيز کان سواءِ ڪري نه ڪندڙ. نوئيو.
– **بي جَهيزي:** ث. ڪري نه ڪرڻ واري حالت. بدجهيزي. لوبيپائي.
– **بي جِريتو ج بي جِريتا:** ذ. صفت. بي قربو ـ بي محبتو. بيمروّت.
– **بي جِيڙ ج بي جِيڙ جِيرا:** ذ. صفت. جنهن جو گرمرشد نه هجي. بي اثر. بي مروّت. شريرَ.
– **بي جيرايگي:** ث. ڪُهن نه هٽڻ واري حالت. ٻُسائي.
– **بي جيرايه:** صفت. سينگار کان سواءِ. ٻُسو ـ ٻُسي.
– **بي جيرو:** ذ. جنڊ ۾ هنڊ ڪنهن به پير جو نشان نه هجي ـ اَڻ لتاڙيل (زمين).
– **بي جيڙهيو ج بي جيڙهيا:** ذ. صفت. اصل نسل کان سواءِ. بد بنياد ـ ڪمذات ـ ڪهٽ ذات ـ بي بنيادو.
– **بيجا:** ظرف. غيرواجبي ـ نامناسب ـ اجوگ. فضول ـ اجايو. غلط.
– **بيجان:** صفت. جنهن ۾ ساهه نه هجي. مئل.
– **بيجا:** ظرف. بي گهر. بيجا ـ غيرواجبي.
– **بي جائيتو ج بي جائيتا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪا جاءِ نه هجي ـ بي گهر. جو ٻنهنجي پوريءَ جاءِ تي نه هجي. غير موزون . نامناسب.
– **بي جائيڪو ج بي جائيڪا:** ذ. صفت. ڏسو "بي جائيتو".
– **بي جَڙ:** صفت. بنا پاڻي. سڪل ـ خشڪ.
– **بي جَس، بي جَسو:** ذ. صفت. بي سوپو ـ ڪجهو. ناڪام.
– **بي جِگَر:** صفت. ڍڇٽو ـ ڪيڊي.
– **بي جِگري ج بي جِگريُون:** ث. بي ڌياڻي. سرويچي.
– **بي جِنس:** صفت. جنس کان سواءِ. بيءِ جنس جو ـ ميل نه کائيندڙ.
– **بي جوتيو ج بي جوتيا:** ذ. صفت. جنهن کي جوت نه هجي. بي رونق. ڏڏ وارو ـ اونداهو.
– **بي جوڙ:** ذ. صفت. جوڙ کان سواءِ ـ اَڻ ٺهندڙ. ناموافق. جنهن جو ڪو ثاني نه هجي ـ لاثاني ـ بينظير. ناخوش ـ بيمار.
– **بي جوڙائي:** ث. ناچاقائي ـ اڳهائي. بيمزگي. اڻٽ. نامناسبت.

— **بي جوکو ج بي جوکا:** ذ. صفت. خوف خطري کان سواءِ. سلامت ـ محفوظ.
— **بي جوهَرُ:** ذ. صفت. جوهر يا پاڻيءَ کان سواءِ. بي هنر ـ جت.
— **بي جيس، بي جيسو:** ذ. صفت. جنهن جو جوڙ جيس نه هجي. بينظير ـ لاثاني ـ لاجواب.
— **بي جِيءُ:** ذ. صفت. بيجان ـ بنا ساهه ـ مُردو ـ مئل. بنا گپ جي. بنا جذبي جي.
— **بي چاقَ ج بي چاقَ:** ذ. صفت. ناچگو ـ بيمزي ـ سُکالو.
— **بي چالُ:** ذ. صفت. بي اصول. اڻنگو ـ بدفضيلت.
— **بي چالي:** ث. اڻنگائي ـ بد فضيلتي.
— **بي چَسو:** ذ. صفت. بي لذت ـ بيسواد.
— **بي چَشم:** صفت. اکين کان سواءِ ـ انڌو.
— **بي چُون وچرا:** محاورو. کچڙ پچڙ کان سواءِ.
— **بي چَين:** صفت. بي آرام ـ بيقرار.
— **بي چَيو ج بي چَيا:** ذ. صفت. چيو نه مڃيندڙ ـ نافرمان. (ظرف) بنا چوڻ جي. پاڻمرادو.
— **بي حاصل:** صفت. اجايو ـ بيسود.
— **بيحال:** صفت. پريشان ـ عاجز ـ لاچار. سائو. ڏنڀيل. بلڪل اڪهو.
— **بي حِجابُ:** صفت. پردي کانسواءِ ـ بي پردي. بيحيا ـ نادیدو. بيپرواهه. بي تڪلف ـ ڀاڪائتو. سڏو سنئون.
— **بي حِجابي:** ث. بي پردگي.
— **بي حُرمت:** ث. بيعزت ـ خوار.
— **بي حُرمتي:** ث. بيعزتي ـ نرادر.
— **بي حِس:** صفت. جنهن کي حِس نه هجي يا جيکو محسوس نه ڪري سگهي. موڳو. بيهوش ـ مورڇا. بيغيرت ـ اُڻاسو. بي درد.
— **بي حِساب:** صفت. ليکڻ کان ٻاهر ـ بي انداز ـ بيشمار. اَڻ ڳڻيو.
— **بي حَشْمَت:** صفت. جنهن ۾ رعب تاب نه هجي.
— **بي حَقيقَت:** صفت. بي بنياد. کجهه به نه ـ ناچيز ـ غير مخلص.
— **بي حُڪْم، بي حُڪْمو:** ذ. صفت. حڪم کان سواءِ ـ بنا اجازت. بيقاعدي.
— **بي حَواسُ:** ذ. صفت. حواس کان سواءِ. هوش کان سواءِ.
— **بي حواسي:** ث. بيهوشي ـ بي حضوري. غفلت. گهمنڊ.
— **بي حَوصِله:** صفت. بي همت ـ بي پتو ـ ڍڇڪو. بي لياقت.
— **بي حَيا، بي حَياءُ:** صفت. بيشرم ـ نرلجو. بي ديدو ـ اکين ٻوٽ. ڪمينو.
— **بي حَيائي:** ث. بيشرمي ـ نرلجائي. ڪمينپ.
— **بي حَيائيءَ تي ٿندرو ٻڌڻ:** صفا بيحيا ٿي ٻيهڻ. ڪليو ڪلايو بيحيا ٿي ٻيهڻ.
— **بي خَبر:** صفت. جنهن کي ڪا خبر نه هجي ـ جاهل ـ اڻڄاڻ. غير واقفه. بيپرواهه ـ غافل.
— **بي خَبرو ج بي خبرا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خبر".
— **بي خَبري:** ث. اڻ ڄاڻائي ـ لاعلمي. غفلت ـ بيپرواهي.
— **بي خَرچو:** ذ. صفت. بنا خرچ جي ـ مفت. بي ثمرو.
— **بي خَطا:** صفت. بيگناهه ـ بي ڏوهه ـ بيقصور. (ظرف) اَڻ ڳنڍ ـ هڪ ٽڪ.
— **بي خَطَرْ:** صفت. [فه. بي + ع. خطره] بنا خوف ـ بنا ڊپ. محفوظ ـ سلامت.
— **بي خَوابُ:** صفت. جاڳندڙ. جاڳيل ـ سجاڳ ـ بيدار. بي آرام.
— **بي خَوابي:** ث. سجاڳي ـ جاڳ ـ بيداري. بي آرامي ـ پريشاني.
— **بي خَوفَ ج بي خوف:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ نه ڊجندڙ. دليرِ بهادر. لاپرواهه ـ لا غرض.
— **بي خَوفو ج بي خَوفا:** ذ. صفت. بي خوف.
— **بي خَيالَ ج بي خَيالَ:** ذ. صفت. لا غرض ـ لاپرواهه. بي اونو ـ بي گهرندرو.
— **بي خَيالو ج بي خيالا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خيال".
— **بي خَيالاڻي، بي خَيالي:** ث. لاپرواهي ـ بي اوناڻي. بي ڏياڻي.
— **بي داد گَرُ:** ذ. صفت. ظالم ـ ستمگر.
— **بي داغَ:** صفت. بنا داغ. پاڪ صاف. پاڪدامن ـ معصوم. بي ڏوهه.
— **بي داغو ج بي داغا:** ذ. صفت. بي داغ.
— **بي داغي:** صفت. ڏسو "بي داغ".
— **بي دامُ:** صفت. ٻَڌڻ کان سواءِ ـ بنا بندڻ ـ ڇڏواڳ. ظالم ـ بنا پڇسي ـ ري ملهه.
— **بي درَنگُ:** ظرف. بنادير ـ نهه ٽپ ـ جلد.
— **بي دريغُ:** ظرف. سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ـ بي تامل. بنا دير. بنا انڪار. بنا روڪ گهٽو.
— **بي دست و پا:** محاورو. [لفظي معنيٰ = هٿن پيرن کان سواءِ] عاجز. بي طاقت. بي پهچ.
— **بي دَعْوا:** صفت. جنهن جي دعوا يا حجّت هلي نه سگهي ـ لا دعوا. (ظرف) حصي يا پتيءَ کان محروم.
— **بي دَعْوَتَ:** ظرف. دعوت کان سواءِ ـ ري دعوت. اَڻ ڪوٺيو ـ اَڻ سڏيو. ٻچ لڳو.
— **بي دِلُ:** صفت. بي دليو ـ ناراض. شڪسته دل. غمگين ـ اداس

(عشق ہر).

– **بي دلي:** ث. دلگيري ـ غمگيني. دل شکستگي. ناراضگي.

– **بي دليو ج بي دليا:** ذ. صفت. بي دل. دل سان يا چاھ سان کم نہ کندڑ. بي جَسو. غمگين ـ دلگير. اُداس.

– **بي دليو ٹيڻ:** دلگير ٹيڻ ـ دل شکستو ٹيڻ. دلچسپي نہ ٹيڻ.

– **بي ڈَمْ:** صفت. بنا ساھ ـ بيجان. ٹَکل. سُست.

– **بي دماغ:** صفت. بي سمجھ. چڑٹو ـ ورچٹو. بي صبر.

– **بي دماغي:** ث. بي سمجھي. چڑٹي طبيعت.

– **بي دعوا:** صفت. سُجو ـ مسکين. کمبخت.

– **بي دِيانْتْ:** صفت. خيانتي. ظالم.

– **بي دِيد، بي دِيدو:** ذ. صفت. اُکين ڈِکيو ـ اُکين ہُوت ـ نادِيدو. بيحيا ـ بيشرم ـ نرلجو. بيمروت ـ بي لحاظ. بيوفا.

– **بي دِين، بي دِينو:** ذ. صفت. جنھن جو کوبہ دين ڈرم نہ ھجي. دين کان ڦريل ـ آڈرمي ـ لامذھب. کافر.

– **بي دِيني:** ث. لامذھبيٹ ـ آڈرمائي. کُفر.

– **بي ڈَرم، بي ڈَرمو:** ذ. صفت. بي دين.

– **بي ڈُرو ج بي ڈُرا:** ذ. صفت. جو کنھن بہ ڈر سان نہ ھجي ـ غيرجانبدار. بي يارو مددگار. بي پُشتو. رولاک

– **بي ڈِيانْ:** ذ.صفت. بيخيال ـ لاغرض. غافل. بيپرواھ. بي لحاظ ـ بيمروت.

– **بي ڈيانو:** ذ. صفت. ڈسو "بي ڈيان".

– **بي ڈَنْدو ج بي ڈَنْدا:** ذ. صفت. ڈنڈن کان سواءِ ـ ڈَنڈو ـ ڦلو.

– **بي ڈوھ:** ظرف. بيقصور ھئڻ واري حالت ۾. راھ گناھ ـ ناحق.

– **بي ڈوھُ، بي ڈوھو:** ذ. صفت. بيگناھ ـ بيقصور.

– **بي ڈوھائي:** ث. بيگناھي.

– **بي ڈوھي ج بي ڈوھي:** ذ. صفت. بي ڈوھ.

– **بي ڈِينھون:** ظرف. کنھن مقرر کيل ڏينھن کان سواءِ. بيوقتو. اوچتو.

– **بي ڈَولَ ج بي ڈَولَ:** ذ. صفت. جنھن جي بيھک چگي نہ ھجي ـ اَڻ ڈولائتو. بدشکل ـ بدصورت. اَڻ گھڑيل. ناموزون.

– **بي ڈولائي:** ث. بدصورتہ ڈنگائي ـ قِدّائي. ناموزوني.

– **بي ڈَولو ج بي ڈَولا:** ذ. صفت. بي ڈول.

– **بي ڈوھُ بي ڈوھو:** ذ. صفت. ڈوھ ۽ دغا کانسواءِ. ڈوھ نہ کندڑ. کپت نہ کندڑ. صاف دل. اَڻ ڈکوئيندڑ.

– **بي ڈَھُ، بي ڈَھو:** ذ. صفت. بي ڈِنگو ـ ڈَڊستو. بي ڈولو. بي سُرو. بي کِرو. سنوت نہ ڈيندڑ. بي سلسلي ـ بي ترتيبہ. شرير. بدشکل.

– **بي ڈِھائي:** ث. بي ڈِنگائي.

– **بي ڈِنگ ج بي ڈِنگ:** ذ. صفت. اَڊنگو. بي ڈولو. بي سُرو. بي کِرو. بدشکل. واھيات.

– **بي ڈِنگائي، بي ڈِنگائيون:** ث. بي ڈِھائي. اَڊنگائي. بي ڈولائي.

– **بي ڈِنڊ بي ڈِنوَ:** صفت. بدصورت. بي ڈِھ. بي ڈِنگ.

– **بي ڈِھ بي ڈِئو (ڈِرُئو):** ذ. صفت. جنھن ڈِؤ نہ کيو ھجي. نہ ڈاپڙ وارو. بکيو.

– **بي ذاتيو ج بي ذاتيا:** ذ. صفت. ذات کان سواءِ. بي ٻَڏو. ذات پات کان نڪتل ـ تالھين لٽل.

– **بي ذَوقَ ج بي ذَوقَ:** ذ. صفت. سھڻي شوق کان سواءِ. حسن جي چاھ کان خالي.

– **بي ذوقي:** ث. چگي چاھ کان محرومي.

– **بي راضي ج بي راضي:** ذ. صفت. ناراض ـ اَرھو. بي مزي ـ ناخوش.

– **بي راھ:** ث. اَوجھڙ ـ اَواٽ ـ کُوات "ھِکو پَڌ. بي راھ جو. ٻيو سانپارا سينھن" (شاھ).

– **بي راھُ ج بي راھَ:** ذ. رستي کان پٽکيل گمراھ ـ کُواتو.

– **بي راھو ج بي راھا:** ذ. صفت. ڈسو "بي راھَ".

– **بي رائِکو رائِکو ج بي رائِکا، رائِکا:** ذ. صفت. دِل نہ پريندڙ. دِل معاف کاتيدار.

– **بي رَبْطَ:** صفت. جنھن ۾ ڪو مناسب لاڳاپو نہ ھجي ـ بي ترتيبہ.

– **بي رُتو ج بي رُتا:** ذ. صفت. اَڻ مندائتو ـ بي موسمو.

– **بي رَحْمَ ج بي رَحْمَ:** ذ. صفت. بي قياس. ظالم ـ ستمگر.

– **بي رَحْمي:** ث. بي قياسي. ستم. وحشانيت.

– **بي رَخَ، بي رُخو:** ذ. صفت. بي توجھ ـ بي ڌيان ـ بي پرواھ.

– **بي رُخي ج بي رُخيون:** ث. بي اِتفاقي ـ بي مروَتي.

– **بي رَس، بي رَسو:** ذ. صفت. بنا رش جي. بي سوادو ـ بي ڇس. ڦڪو ـ اَلوٽو.

– **بي رَسْم:** صفت. رسم کان سواءِ. غير مروج (ظرف). بي ڈَول ـ بيقاعدي.

– **بي رَسْمي:** ث. بيقاعدگي. کريٽ.

– **بي رَضا:** ظرف. رضا کان سواءِ. بي موکل ـ بنا اجازت.

– **بي رَنْگَ:** ذ. صفت. جنھن ۾ ڪو رنگ نہ ھجي ـ رنگ روپ کان سواءِ. رنگ روپ کان نيارو ـ بيمثل.

– **بي رَنْگي ج بي رَنْگي:** ذ. صفت. جنھن ۾ ڪو رنگ نہ ھجي ـ

رنگ روپ کان سواءِ. بيمثل ـ لاثاني.

– **بي زَنگي:** ث. بيمثالي ـ لاثانيت.

– **بي روزگارُ ج بي روزگاز:** ذ. صفت. جنهن کي ڪو ڏنڊو يا ڪمائي نه هجي. بيڪار ـ نڪمڻو.

– **بي روزگاري:** ث. بنا ڏنڊي يا ڪمائي يا گذران. بيڪاري. نڪمڻائي.

– **بي رَونَقُ:** صفت. رونق کان سواءِ. بي جمڪ. بي طراوت. ڇلتي کان سواءِ. بدزيبو.

– **بي ريا، بي رياءُ:** ذ. صفت. رياءَ نه رکندڙ. انصاف خاطر ڪنهن جي به نه ڏڏندڙ ـ منصف مزاج.

– **بي رِيائي:** ث. غيرجانبداري. منصف مزاجي ـ انصاف پسندي. ديانت داري ـ ايمانداري. صاف دلي ـ سچائي.

– **بي ريتو ج بي ريتا:** ذ. صفت. دستور جي خلاف ڪريتو. آڏنگو. غير واجبي.

– **بي ريجو ج بي ريجا:** ذ. صفت. ريج کان سواءِ. سدا ـ خشڪ.

– **بي رِيشُ ج بي رِيش:** ذ. صفت. بي ڏاڙهيو. گهيرو ـ لاسڙات. ڏاڙهي ڪوڙ.

– **بي زَبانُ:** ذ. صفت. گهٽ ڳالهائو ـ ڪم سخن. مائيٽو. مسڪين ـ غريب. گونگو ـ گگڙاءُ. حيوان ـ ڍور.

– **بي زَباني:** ث. ڪم سخني. مائيٽائي. خاموشي.

– **بي زَرْ:** صفت. بنا پئسي جي. هٿين خالي. ولهو.

– **بي زَنگُ:** صفت. اَڻ ڪٽيل (ڏاتو). صاف.

– **بي زَوالُ:** ذ. صفت. لازوال ـ غيرفاني. باقي ـ پائدار.

– **بي زورُ ج بي زورَ:** ذ. صفت. ڪم طاقت ـ ڪمزور ـ نبل. بي پهچ. ضعيف.

– **بي زورائي، بي زوري:** ث. بي طاقتي. هيڻائي. عاجزي.

– **بي زورو ج بي زورا:** ذ. صفت. ڏسو "بي زور".

– **بي زيب و زينت:** محاورو. سونهن ۽ سينگار کان سواءِ. ڪوجهو.

– **بي ساجاهُ ج بي ساجاهَ:** ذ. صفت. بي شناس ـ بي لحاظ ـ بي مروت. بيشرم ـ بي حياءِ.

– **بي ساجاهو ج بي ساجاها:** ذ. صفت. ڏسو "بي ساجاهَ".

– **بي ساجاهي:** ث. نرلجائي ـ اڪين پوت. بيحيائي ـ بيشرمي.

– **بي ساجَهُ، بي ساجهو:** ذ. صفت. بي ساجاهَ.

– **بي ساختگي:** ث. سادائي. اخلاق.

– **بي ساڌُ:** ظرف. صاف. ڪليو. بي تڪلف. صاف دلي ۽ سان. اُتي جو اُتي ڏني ٿي ـ يڪدم ـ نڙي ڪڙي. في البديهه. بنا تياري. بنا اِرادي.

– **بي ساکو ج بي ساکا:** ذ. صفت. ڪسا کي ـ ڪوڙو ـ بي پتيو. (ث) بي ساکي ج بي ساکيون.

– **بي ساگاهُ، بي ساگاهو:** ذ. صفت. جو ساڳاهي نه هلي. بي امتياز ـ بي شناسو. بي لحاظ ـ بيمروت. بي ساجاهه.

– **بي ساگاهي:** ث. بي ساجاهي. ناشناسي. بيحيائي.

– **بي ساگَهُ، بي ساگهو:** صفت. بي ساگاهُ.

– **بي سامان:** ظرف. بي ثمر.

– **بي سانگ:** ذ. صفت. بي سبب. اوچتو بنا اِرادي.

– **بي سانگو:** ظرف. بي موقعي ـ بي سبب.

– **بي ساهو ج بي ساها:** ذ. صفت. ساهه کان سواءِ ـ مثل. ڪمزور ـ نستو. سائو.

– **بي سَبَبُ:** ظرف. سبب کان سواءِ ـ ڪارڻ. ڏاران. اجايو ـ هروپرو. حق ناحق ـ خالي پيلي.

– **بي سُيو ج بي سُيا:** ذ. صفت. نحس. چندو ـ ندورو ـ اَپاڳو. بي سريو.

– **بي سَٽر:** صفت. [ف. بي + ع. سِتْر = پردو] بي پردي. اَڻ ڍڪيل. عرياني.

– **بي سَٽري:** ث. بي پردگي. اوگهڙ ـ عرياني.

– **بي سِپاس:** صفت. ناسپاس ـ بي شڪر.

– **بي سِجلاٽي:** ث. بي زيبائي. بدفضيلتي. گدلائي.

– **بي سِجلو ج بي سِجلا:** ذ. صفت. بي زيبو. بي سينگار. غير موزون اَڻ سٽائتو. اَجوڙو. بي ڪرو.

– **بي سُخَنْ:** صفت. [ف. بي + سُخَنْ، سُخَنْ، سَخَنْ، سَخَنْ] اَڻ ڳالهائو. بي زبان. خاموش.

– **بي سُدْ:** صفت. بيخبر ـ اَبوجهه. بيهوش ـ غش. گهيرو ـ لبيڙو.

– **بي سِرْ:** ذ. صفت. سِر کان سواءِ ـ سسي وڊيل. سِر جو سانگو نه ڪندڙ. سرفروش ـ سرويچ. لاغرض .. متي قربل ـ هوڏي ـ ضدي. لاثاني.

– **بي سَرْ:** ذ. صفت. سُرتار کان سواءِ ـ بي سرو.

– **بي سُرتِ:** ذ. صفت. بي سُدْ. بيهوش. غش. گهيرو. موڳو. بي سمجهه ـ بيعقل.

– **بي سُرتائي ج بي سُرتائيَن:** ث. بيهوشي ـ غشي. بيخبري ـ اَڻ جاڻائي. بي حواسي. موڳائي. ناسمجهي.

– **بي سُرتي سُرتيو ج بي سُرتا، سُرتيا:** ذ. صفت. ڏسو "بي سُرت".

– **بي سُرو:** صفت. اَناڙو. بي فڪر. خودسر.

– **بي سَروچ بي سُرا:** ذ. صفت. سُرڪان سواءِ. سُرتار جو ڪجو. ڪُسرو.

بدآواز. اِدنگو.

– **بي سَرويا:** ذ. صفت. [ف. لفظي معنيٰ = 'مثي ءِ بيرن كان سوا'] ضعيف ـ هيڻو. بي طاقت ـ عاجز. محتاج. سجو. كنگال. جنهن جو نہ منهن هجي نہ مٿو. جنهن جو نكو اُندُ نكو بُندُ هجي. بي ترتيبو. بي ڍؤلو. بي بنيادو. واهياتو.

– **بي سَروسامانُ:** محاورو. سُجو ـ پينگيو. ڏلهو ـ سكڻو. محتاج.

– **بي سُكائِي** ج **بي سُكائِيُون:** ث. بي آرامي. اگهائي ـ بيماري.

– **بي سُكو** ج **بي سُكا:** ذ. صفت. سُك كان سواءِ ـ اَڻ سُكيو. بي آرام ـ بيقرار. اگهو ـ بيمار.

– **بي سُكْتائِي:** ث. كمزوري ـ بي طاقتي.

– **بي سُكْتو** ج **بي سُكْتا:** ذ. صفت. كمزور ـ كمر طاقت ـ هيڻو ـ نستو. ضعيف.

– **بي سكهائِي** ج **بي سُكهائِيُون:** ث. كمزوري ـ كمر طاقتي. بيماري.

– **بي سكهتو** ج **بي سُكهتا:** ذ. صفت. بي طاقت ـ هيڻو ـ كمزور ـ نبل. لاڇهو ـ ضعيف ـ نحيف.

– **بي سُكهو** ج **بي سُكها:** ذ. صفت. سكهه كان سوا، ـ هيڻو ـ كمزور. ضعيف ـ نحيف. اگهو ـ بيمار.

– **بي سَليقو** ج **بي سَليقا:** ذ. صفت. بي لڇتو ـ اِدنگو ـ بي فضيلت. بي ترتيب. اناڙي ـ كم هنر.

– **بي سُمْجهُ** ج **بي سُمْجهَ:** ذ. صفت. اٻوجهه ـ اَڻجاڻ. بار اجو بي سُرت آهي).

– **بي سَنْتو** ج **بي سَنْتا:** ذ. صفت. جنهن جو كنهن تي چڱي اثر نہ پوڻ سببان كوبه كمر نہ ٿئي. بي اثر. بي بخت.

– **بي سُنْتو** ج **بي سُنْتا:** ذ. صفت. جنهن جي سنت ٽيل نہ هجي ـ اَڻ ظهريل.

– **بي سَنْڊو** ج **بي سَنْڊا:** ذ. صفت. جنهن جو سنڊو سيڙهو نہ هجي. لاحد ـ لانتها.

– **بي سَنگُ:** ظرف. وزن كان سواءِ ـ بي وزنو. بي اَهميت. خسيس.

– **بي سَنْگو** ج **بي سَنْگو:** ذ. صفت. جنهن جو سنگي ساٿي نہ هجي ـ بي يارو مددگار. اڪيلو گذارينڊڙ ـ گوشه نشين. جو رلڻو ملڻو نہ هجي ـ ركو روح. كنهن جو لحاظ يا سانگو نہ كندڙ. بيپرواهه ـ لاغرض.

– **بي سَوادُ** ج **بي سَوادَ:** ذ. صفت. كنهن به سواد كان سواءِ ـ بي لذت. بي ذائقي. ڦڪو ـ آلوڻو. بي علم ـ اَڻ پڙهيل. جنهن كي ادبي ذوق نہ هجي.

– **بي سَوادو:** ذ. صفت. ڏسو "بي سوادَ".

– **بي سَوادُو** ءِ **بي سَوادَا:** ذ. صفت. بي سوادو.

– **بي سَوادي** ج **بي سَوادِي:** ذ. صفت. بي سوادو.

– **بي سَوِيائِي:** ث. ناكاميابي ـ ناكامي. نياڳائي ـ چندائي ـ اَياڳائي.

– **بي سوير** ج **بي سويا:** ذ. صفت. جنهن كي فتح حاصل نہ ٿئي ـ ناكامياب ـ نامراد. چندو ـ نياڳو ـ ندورو.

– **بي سوچُ** ج **بي سوچَ:** ذ. صفت. سوچ نہ كندڙ ڪَنَ نہ كندڙ.

– **بي سَنُوتو، بي سَنُوتو:** ذ. صفت. سنوت نہ ڏيندڙ. چيو نہ مڃيندڙ ـ ڏنگو.

– **بي سُوالُ:** صفت. سوال نہ كندڙ ـ نہ گهرندڙ. خوددار.

– **بي سِيرت:** صفت. بي اخلاق.

– **بي سِيلُ:** صفت. بي سيرت. بي عصمت. بيحيا ـ بيشرم.

– **بي سِينْڈي بي سِينْڈيرو:** ذ. صفت. يار دوست كان سواءِ. جنهن جي سڃاڻپ يا ڏيڻ ويڙ نہ هجي.

– **بي شاهِدُ:** صفت. شاهد يا گواهه كان سواءِ.

– **بي شائِبه:** ظرف. بلاشڪ ـ بي گمان.

– **بي شُبهِ** ج **بي شُبا:** ذ. صفت. [ف. بي + سن. شَبِ (= سَن. فال) > شبو] بي سوڀو. بي سُڀ. لاخر ـ بي فيض.

– **بي شُبْهه، بي شُبهو:** ظ.ف. [ف. بي + ث. شُبه] بنا شڪ شبهي ـ پڪ ـ يقيناً. تحقيق. سچ پچ.

– **بي شَرْطو** ج **بي شَرْطا:** ذ. صفت. كنهن به شرط كان سواءِ ـ غير مشروط.

– **بي شَرَفُ:** ذ. صفت. بي عزّت ـ بيمانو.

• **بي شيرك:** صفت. شرڪ كان خالي.

– **بي شَرْمُ، بي شَرمو:** ذ. صفت. بيحيا ـ نرلجو ـ بي نكو. بي ادب ـ گستاخ.

– **بي شَرمائِي، بي شَرمِي:** ث. بيحيائي ـ نرلجائي. بي ادبي ـ گستاخي.

– **بي شُعورُ:** ذ. صفت. بي حسّ. بي سمجهه.

– **بي شَفْقت:** صفت. بي مهر. نامهربان.

– **بي شُكُرُ، بي شُكُرو:** ذ. صفت. نعمت جو انكاري. سيڪجهه هوندي شڪايت ڪندڙ.

– **بي شُكْرِي:** ث. هوندي سوندي شڪايت واري حالت ـ كفران نعمت.

– **بي شُمار:** ظرف. ڳڻڻ كان باهر. اڪيجار. بي انداز ـ بيحسابه.

– **بي شناس:** صفت. بي تميز. بي لحاظ.

– **بي شهُ (ك):** صفت. بيكار ـ نكمو. اوباش.

– **بي شَيو:** صفت. جيكو احسان يا ٹورو نه كري. ركو ـ بي رؤ. بي گٹو.
– **بي صَبْرَ بي صَبْرو:** ذ.صفت. جنهن كي ڏيرج نه هجي ـ بي تحمّل. بيقرار. بيچين ـ بي آرام.
– **بي صَبْرائي:** ث. صبر يا تحمّل نه كرڻ جي حالت. بيقراري ـ بي آرامي.
– **بي صِدْق:** صفت. سچ كان سواءِ. كوڙو.
– **بي صَلاح:** صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر.
– **بي صَلاحو ج بي صَلاحا:** ذ. صفت. صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر ـ هٺيلو.
– **بي صُورت:** صفت. [ف. بي + صُلت < (عامي آڇار) صُورت] بدصورت.
– **بي ضابطگي:** ث. قاعدي جي برخلاف هلت ـ بي قاعدگي. بدانتظامي. ڇڙواڳي.
– **بي ضابطو ج بي ضابطا:** ذ. صفت. ضابطي يا نظرداريءَ كان باهر. بي قاعدي. ڇڙواڳ. رواج يا دستور جي خلاف.
– **بي ضابطي:** ظرف. ضابطي كان سواءِ ڇڙواڳ.
– **بي ضَرُور:** ظرف. ضرورت كان سواءِ ـ اجايو.
– **بي ضَرُورت:** ظرف. گهرج كان سواءِ. بي گهرج.
– **بي طاقت:** صفت. كمزور ـ ضعيف ـ نحيف.
– **بي طالع:** ذ. صفت. بد بخت ـ نياڳو ـ چندو. ڪپوٽ.
– **بي طالعي:** ث. بدبختي ـ نياڳ ـ چندائي.
– **بي ظراوت:** صفت. آبوگر. خشڪ.
– **بي ظراوتي:** ث. بي تازگي. آبوگائي. خشڪي.
– **بي ظَرح:** صفت. بي ترتيب. اڊنگو.
– **بي ظَرفْدار:** صفت. غيرجانبدار ـ بي رياءِ.
– **بي ظَرفداري:** ث. غيرجانبداري. بي رياءِ. عدل ـ انصاف.
– **بي ظَلْب:** صفت. خواهش كان سواءِ ـ بنا گهر.
– **بي طَمْع:** صفت. جنهن كي كاب لالچ نه هجي. لاأبالي.
– **بي طَمْعو ج بي طَمْعا:** ذ. صفت. ڏسو "بي طمع".
– **بي ظَور:** صفت. بي ترتيب. بي طرح. اڊنگو.
– **بي عادتو ج بي عادتا:** ذ. صفت. بي لڇڻ ـ بدافعالو.
– **بي عَدَد:** ظرف. گڻيتي كان باهر ـ بيشمار. بيحد. بيحساب.
– **بي عَدْل:** صفت. [ف. بي + ع. عَدْل] بي انصاف ـ ظالم.
– **بي عزّت:** ذ. صفت. بي آبرو. بدنام ـ خوار. رسوا. ذليل رڌيل. بيغيرت.
– **بي عزّتي:** ث. بي آبروئي. بيمانائي. بيحرمتي. توهين. ذلت. رسوائي ـ خواري ـ بدنامي.
– **بي عَقْل:** صفت. [ف. بي + ع. عَقْل] بي سمجهه ـ بيوقوف. نادان ـ أڻڄاڻ. احمق ـ مورک. چسو ـ گهيلو.
– **بي عَقلائپ، بي عَقلائي:** ث. "بي عقلي".
– **بي عَقْلي:** ث. بي سمجهي ـ نادانپ ـ بيوقوفي. حماقت ـ مورکائي.
– **بي عِلاج:** صفت. جنهن جو ڪو علاج ئي نه سگهي. نه چٽڻ جهڙو (مرض). لاعلاج ـ لادوا.
– **بي عِلْم:** ذ. صفت. ان پڙهيل. بيخبر. جاهل.
– **بي عِلْمو:** ذ. صفت. بي علم.
– **بي عِلْمي:** ث. جهالت. ان ڄاڻائي ـ بيخبري.
– **بي عَيب:** صفت. جنهن ۾ ڪابه وڏ نه هجي ـ بي نقص. بي داغ. سالم.
– **بي عَيبو ج بي عَيبا:** ذ. صفت. ڏسو "بي عيب"
– **بي غايتا:** صفت. بي مقصد. (ظرف) ازحد ـ بي پايان ـ بي نهايت.
– **بي غُبار:** صفت. بي داغ.
– **بي غَرض:** صفت. بي مطلب. بي طمع. لاپرواهه.
– **بي غَرضانه:** ظرف. سواءِ ڪنهن مطلب جي. اخلاص ۽ سچائيءَ سان.
– **بي غَرضو ج بي غَرضا:** صفت. بي غَرض.
– **بي غَرضي:** ث. لاطمعي. بي مطلبي.
– **بي غَم:** صفت. جنهن كي ڪو ڏک يا گهٽتي نه هجي. بيفكر.
– **بي غَمو ج بي غَما:** ذ. صفت. بي غم.
– **بي غَمي:** ث. أڻوندرائي. بي فكري.
– **بي غور:** ظرف. ويچار كان سواءِ.
– **بي غَيرَت:** صفت. جنهن كي عزت جي پڃاڻ لاءِ ڪوبه جوش نه اڇي. بي لڄو ـ لوليو. بيشرم ـ بيحيا.
– **بي غَيرتي:** ث. بيشرمي ـ بيحيائي ـ نرلجائي.
– **بي فائدو ج بي فائدا:** ذ. صفت. بيسود ـ اجايو. بيڪار. نكمو. خواهه مخواهه
– **بي فائدي:** ظرف. اجايو.
– **بي فَرمان:** صفت. نافرمان ـ بي جيو.
– **بي فِكْر:** صفت. بنا گهٽتيءَ ـ آڇنڌ بي غم. بيپرواهه ـ بالم.
– **بي فِكرائي:** ث. ڏسو "بي فكري".
– **بي فِكْرو ج بي فِكْرا:** ذ. صفت. بي فكر.
– **بي فِكْري:** گهٽتي نه هٿ واري حالت ـ آڇنڌ. بيپرواهي. بيخيالي.
– **بي فَهم:** صفت. بي سمجهه. بيعقل.
– **بي فَهْمي:** ث. بي سمجهي. بيعقلي.

— **بي فَيض:** صفت. جنهن مان ڪوبه فائدو نه پهچي.
— **بي فَيضو ج بي فَيضا:** ذ. صفت. بي فيض.
— **بي فِلڪي بي فِلڪو:** ذ. صفت. بي همٿ. بي غم. بي اُلڪو (ت).
— **بي فُروج بي فُرا:** ذ. صفت. جيڪو ڦرَ نه جهلي. ميوي کان سواءِ. نِڀل. پَرن يا ڦرن کان سواءِ (تيز).
— **بي قابُو:** صفت. اَڻ جهل ـ چڙواڳ.
— **بي قاعدگي ج بي قاعدگيُون:** ث. قاعدي يا دستور جي خلاف هُٽ جي حالت. بي انتظامي. بي ضابطگي. بي ترتيبي. بي اُصولي ـ ڪُريت.
— **بي قاعدو:** ظرف. خلاف قانون. اجايو. تمام گهٽ. بي انداز.
— **بي قاعدي:** ظرف. [فا. بي + ع. قاعده] قانون جي خلاف. خلاف دستور. اصول جي خلاف. بي ترتيبو. خراب نموني ۾. غلط طريقي سان.
— **بي قانُون. بي قانوني:** ظرف. قانون جي خلاف ـ بيقاعدي.
— **بي قَدْر:** صف. [ف. بي + ع. قَدْر] قيمت کان سواءِ. جيڪو قدر نه سڃاڻي ـ ڪَنڀ جور. ناشناس. پورو معاوضو نه ڏيندڙ. بيعزت.
— **بي قَدْرو:** ذ. صفت. بي قدر.
— **بي قَدْري:** ث. قدر نه سڃاڻڻ جي حالت ـ ناشناسي. بي انصافي. بيعزتي.
— **بي قَرْب. بي قُرْبو:** ذ. صفت. جنهن ۾ قرب نه هجي. مُنهن رکو. ناشناس. نادیدو. شوخ طبع.
— **بي قَرينو:** صفت. بي ترتيبو. بي رِڌو.
— **بي قَصْد:** صفت. ارادي کان سواءِ.
— **بي قُصور:** صفت. بي ڏوهه ـ بيگناهه.
— **بي قُوّت:** ذ. صفت. بي طاقت ـ ڪمر همت ـ ڪمزور.
— **بي قياس. بي قَياس:** صفت. بيرحم ـ ظالم. سنگدل ـ ڪنور.
— **بي قياسو ج بي قياسا:** ذ. صفت. بي قياس.
— **بي قِياسي:** ث. بيرحمي ـ سنگدلي.
— **بي قَيد:** صفت. اَڻ بَڌل ـ اَڻ جڪڙيل. جو ڪنهن جو پابند نه هجي ـ شتر بي مهار ـ بي لغام. آزاد.
— **بي قِيمَت:** صفت. جنهن جي قيمت ڪٿي نه سگهجي. خسيس.
— **بي ڪائر:** ذ. صفت. ڪٌ ڪان سواءِ. گماني. ظني ـ شڪي.
— **بي ڪاج:** صفت. اَڪاج. بيڪار.
— **بي ڪام:** صفت. ناميد ـ مايوس. بيفائدي. بيڪار.
— **بي ڪائو. بي ڪائيو ج بي ڪائا. بي ڪائيا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ نه هجي. لاغرض. لاطمع. بيپرواهه ـ بي نياز.
— **بي ڪِرانْ:** صفت. [فا. بي = بنا + ڪِران = ڪنارو] جنهن جو ڪنارو نه هجي ـ لاحدّ. بيحد ـ گهڻو.
— **بي ڪُڙموج بي ڪُڙما:** ذ. صفت. جنهن کي ڪڙم قبيلو نه هجي. بي مائتو ـ بي آڪاهيو. جو خانداني نه هجي ـ گهٽ ذات وارو. بد ذات. خسيس.
— **بي ڪَڻش:** صفت. جُتيءَ کانسواءِ. اڌهاڙن پيرن سان.
ـ **بي ڪَڻُن:** صفت. جنهن کي ڪڻ ۾ نصيب نه ٿئي.
— **بي ڪَڻُوج بي ڪَڻُنا:** ذ. صفت. بي ڪڻن.
— **بي ڪَنوئي مرڻ:** نهايت مسڪيني يا بيبسيءَ جي حالت ۾ مرڻ. گهرتر کان پري رُلي مرڻ.
— **بي ڪَموج بي ڪَما:** ذ. صفت. بيڪار ـ نڪمو ـ نڪمٽو. ڪنهن نه ڪم جو. اجايو ـ وٿوانڊ.
— **بي ڪَيتَ ج بي ڪَيتَ:** ذ. صفت. [فا. بي = نا + ع. قيد] بي قيد. جنهن لاءِ ڪو قاعدو. قانون يا رواج نه هجي ـ بيقاعدي. بي ڪائو. بي ريتو ـ بي رسمو. ڪُريتو. ڪُنيمو. ارادي جو ڪچو ـ ڇٽو ـ ڇٽلي خور ـ شڪي ـ قرندڙ گهرندڙ. اوقاتي ـ گهُوجائي. مبهم ـ نامقرر.
— **بي ڪَيتائي:** ث. شڪي حالت ـ ڇٽائي. ڪچائي.
— **بي ڪَيتو ج بي ڪَيتا:** ذ. صفت. بي ڪيت.
— **بي ڪَيتي:** ث. بي ڪَيتائي.
— **بي ڪَنڌي:** ظرف. بنا اون جي ـ ڇٽليءَ کان سواءِ. بنا ڏپ ڏاڻ.
— **بي ڪَنُهو ج بي ڪَنُها:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن نه هجن ـ بي پَٺ. ڪنهن ڪٽل.
— **بي ڪَنهين:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن جي ڪٿي نه هجي ـ بي غرض. جنهن جي ڪا چال چلت نه هجي ـ اڻڪو. بي ڏولو. جنهن جي ڳالهه تي پروسو نه ڪري سگهجي ـ ڦرٽو گهرٽو.
— **بي ڪَنرو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو پير مرشد نه هجي ـ بي پير ـ نِگُرو. ڪنهن کي به نه مڃيندڙ. خود خيال. هٺيلو.
— **بي ڪَنڙ:** ذ. صفت. جنهن جي گر يا ڄاڻ نه پوي ـ جنهن جي پروڙ نه پوي. غير محسوس ـ اَڻ لکو.
— **بي ڪَنمان:** ظرف. بنا شڪ شبهي ـ پڪ ـ يقيناً.
— **بي ڪَنماني:** ث. پڪ.
— **بي ڪَناهه:** فا. بي ڏوهه ـ بي قصور. (ظرف) هروپرو ـ خالي پيلي ـ حقون ناحق.
— **بي ڪَناهو:** ذ. صفت. بي ڏوهه ـ بيقصور.
— **بي ڪَناهي:** ث. بيقصوري ـ نردوشي.
— **بي ڪَنوج بي ڪَنا:** ذ. صفت. بي ڪُنڀو ـ بي وڙو ـ ڪُنجور ـ احسان

فراموش. بي هنر ـ بي كرو.

– **بي گُنِي:** صفت. بي گُنو (مرد). بي گُني (عورت).

– **بي گُنِي ج بي گُنِي:** ذ. صفت. بي گُني.

– **بي گُونْدَر:** ذ. صفت. بي گُوندرو.

– **بي گُونْدرانِي:** ث. بي غمي. بيفكري. بيپرواهي.

– **بي گُونْدرو ج بي گُونْدرا:** ذ. صفت. بي غمو. بي فكرو. بي اُلكي. بي ڈيانو.

– **بي گُچُو ج بي گُچا:** ذ. صفت. بي گُنو.

– **بي گُهر:** ذ. صفت. جنهن كي گُهر نه هجي. بي گُهرو.

– **بي گُهرو ج بي گُهرا:** صفت. جنهن كي گُهر گهاٽ نه هجي. رولاڪ. بي ٻُنو. بي بنيادو.

– **بي لاگ:** ذ. صفت. جو ڪنهن جي پاسداري نه ڪري ـ بي طرفدار. غير جانبدار. بي رياء. بنا انعام.

– **بنا اُجوري.** جو پُورو نه لڳي سگهي. جو سوگهو نه جهلي سگهي.

– **بي لاگِي اَنْبُوري:** ث. لوهه كي سوگهو نه جهلي سگهندڙ اَنبوري.

– **بي لِباس:** صفت. لباس كان سواءِ. عريان. بي رياء.

– **بي لباسائِي:** بي لباسي: ث. اڳهاڙ ـ عرياني. بي رياڻي.

– **بي لَج:** صفت. جنهن كي كوبه شرم نه هجي ـ بي لجو ـ بيحيا.

– **بي لَجائِي ج بي لَجائِيُون:** ث. نرلجائي ـ بيشرمي ـ بيحيائي. بي لحاظائي ـ بي مروتي. بي ننگائي.

– **بي لَجو ج بي لَجا:** ذ. صفت. بي لج.

– **بي لَجَڻُ، بي لَجڻو:** ذ. صفت. ڪلچٽو. بد فضيلت. بدافعال. بدخصال.

– **بي لِحاظ:** صفت. بي مروت بي ادب ـ ڏُستاخ. منهن ركو. بيحيا.

– **بي لِحاظائِي:** ث. بي مروتي.

– **بي لِحاظو ج بي لِحاظا:** ذ. صفت. بي لِحاظ.

– **بي لِحاظِي:** ث. بي مروتي ـ بي ادبي.

– **بي لَذت:** صفت. مزي ۽ سواد كان سواءِ. بي ذائقي. اَن وٽندڙ.

– **بي لذتائي:** ث. بي سوادائي. الوٽائي. بي لطفي.

– **بي لَزتِ بي لَذتِيو:** د. صفت. بي لذت.

– **بي لَذتِي:** ث. بي لذتائي. بي لطفي.

– **بي لُطف:** صفت. بي مزي ـ بي لذت. بي ذائقي.

– **بي لَغام:** صفت. لغام كان سواءِ (گهوڙا). آزاد ـ چڙواڳ. بنان قبضي ـ بنان ضابطي. گستاخ. شوخ. سرڪش. وات ڦاٽوڙو. گهوڙ ڳالهائو.

– **بي لغامو ج بي لَغاما:** ذ. صفت. بي لغام

– **بي لگام ج بي لگام:** ذ. صفت. بي لغام

– **بي للائِي:** ث. بي هنري. بي لڄتائي. بي همتي.

– **بي لَلو:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو لَلَ يا لڄڻ نه هجي. بي هنرو. بي ڪرو. بي افعالو. بي همت. بيڪار.

– **بي لَلهو ج بي لَلها:** ذ. صفت. بي لَلو.

– **بي لِهه بي لِيهو:** ذ. صفت. بي لجو ـ بيشرم.

– **بي ماڙو:** ذ. صفت. جنهن كي ڪا ماڙ يا مدد نه هجي ـ بي سهاري. بيڪس ـ بيوس ـ نڌر. بيچارو.

– **بي ماڳ:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ماڳ مڪان نه هجي. بيوطن. بي گهر. رولاڪ.

– **بي مان:** ذ. صفت. بيعزت ـ بي آبرو. خوار خراب ـ رسوا.

– **بي مانائِي:** ث. بيعزتي ـ بي آبروئي. خواري. ذلت.

– **بي مانِكو ج بي مانِكا:** ذ. صفت. بي قيمتو ـ بي مَلهو "صبر سان موتي ٿئي سب ڪو ڏؤ، مانكو: بي مانكا پاڻيءَ تي ڪوڏ" (گل).

– **بي مانو:** ذ. صفت. [فـ. بي مايه] كنڊل ـ محتاج. اڃاڻ ـ بي علم.

– **بي مِثال:** صفت. لاثاني ـ بينظير.

– **بي مِثْل:** صفت. بي مثال.

– **بي مَجال:** صفت. بي طاقت.

– **بي مُحاب:** ذ. صفت. بي مُحابو.

– **بي مُحاباڻِي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي ـ بي مُنهائي.

– **بي مُحابو ج بي مُحابا:** ذ. صفت. [فـ. بي + محابا] بي لحاظ ـ بي مروّت ـ بي ديدو ـ مُنهن ركو.

– **بي مَحَل:** ظرف. بي موقعي ـ بيجاءِ.

– **بي مَدار:** صفت. ٽيڪ كان سواءِ.

– **بي مدد:** صفت. بي همراهه.

– **بي مُراد.** بي مُرادو: ذ. صفت. جنهن كي ڪنهن ۾ مراد يا عقيدو نه هجي. نااميد ـ آسري. جنهن جي مُراد يا آس پوري نه ٿي هجي. نامراد ـ ناڪام. جنهن وٽان ڪنهن جي مراد پوري نه ٿئي ـ بي اُميدو.

– **بي مُروّت:** صفت. بي لحاظ ـ بي ديد. نامهربان. شوخ. سخت دل. بي قياس.

– **بي مُروّتائِي:** ث. بي مروتي.

– **بي مُروّتِي:** ث. بي لحاظائي: شوخي. بي قياسي.

– **بي مزائِي:** ث. بيماري ـ ناخوشي ـ اڻهائي ـ ناچاقائي. ڪلفت. ڪُڻائي. ڪيٽو ـ جهيڙو.

– **بي مَزگِي:** ث. بي مزائي.

– **بي مَزي ج بي مَزي:** صفت. اڻهو ـ بيمار ـ ناچاق. ڪُڻو ـ بي سواد.

– **بي مطلب:** صفت. بي معنيٰ. بي مقصد. فضول ـ اجايو. بي غرض ـ لاطمع.

– **بي مَطْلَبُ:** ذ. صفت. بنا ڪنهن مطلب جي. بي غرض.
– **بي معلُومُ:** ذ. صفت. اَڻ لکو ـ غير محسوس. لِکل ـ مخفي.
– **بي مَعنيٰ:** صفت. بي مقصد. اجايو ـ فضول.
– **بي مغز، بي مغزو:** ذ. صفت. بي دماغ. بي عقل. ڪند ذهن.
– **بي مقال:** صفت. خاموش ـ چُپ.
– **بي مقدار:** صفت. بي وزن. نندڙي جسم وارو. خسيس.
– **بي مَقْدُور:** صفت. اختياريءَ کان سواءِ. محتاج ـ اڌين. مسڪين.
– **بي مُک:** ذ. صفت. منهن موڙيندڙ ـ بي رخو. مک يا سردار کان سواءِ. بي ويساهه. وعدي خلاف ـ بيوفا.
– **بي مُک ٽِيڻ:** بي سردار (مکي. مکيه) ٽيڻ. ڪنهن جماعت مان ڇڄي ڏار ٽيڻ. نيات مان نڪرڻ.
– **بي ملاکو ج بي ملاکا:** ذ. صفت. منحوس ـ نياڳو ـ جندرو.
– **بي مُناسب:** صفت. نامناسب ـ اَجوڳ ـ غيرواجبي ـ اَڻ سهائيندڙ.
– **بي مُناسبَتَ:** ث. اَڻ سهندائي ـ اَجوڳائي.
– **بي مُناسبو:** ذ. صفت. بي مناسب.
– **بي مناسبي:** ث. بي مناسبت.
– **بي منّت:** صفت. ڪنهن جو ٿورو نه ڪندڙ. خوددار.
– **بي مُنڈيو:** ذ. صفت. مُنڊ يا سري کان سواءِ. بي بنياد ـ بي اصل.
– **بي مَنهائي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي. غير واقفيت.
– **بي موسمِ:** صفت. موسم کان سواءِ. موسم کان اڳ يا پوءِ. بي وقت.
– **بي موسمو:** ذ. صفت. بي موسم. بيوقتو ـ ڪمهلو.
– **بي موقعي:** ظرف. بي مهل. بيوقت. نامناسب.
– **بي مُهْتَ:** بي مُهْتو: ذ. صفت. بي ماڻو. بيعزتو. ناڪام.
– **بي مُهتو ڪرڻ:** مان نه ڏيڻ. ڳالهه نه مڃڻ. بيعزتي ڪرڻ.
– **بي مِهْر:** صفت. جنهن کي مهر يا پاڇه نه پوي. بيرحم ـ بي قياس. سنگدل ـ ڪٺور.
– **بي مِهْرو:** ذ. صفت. بي مِهر.
– **بي مُهْرو ج بي مُهْرا:** ذ. صفت. مُهر جي ٽپي يا نشان کان سواءِ.
– **بي مِهري:** ث. ڪُمهري. بي قياسي. سنگدلي.
– **بي مَهل:** ظرف. بيوقت.
– **بي نام:** صفت. بنا نالي ـ گمنام.
– **بي ناموس:** صفت. نامشهور. گمنام.
– **بي نام و نشان:** صفت. گمنام. بي اثر.
– **بي نِشان:** صفت. گمنام. بي اثر. مجهول.
– **بي نَصيب، بي نَصيبو:** ذ. صفت. بدقسمت. نياڳو. ندورو. جندرو ـ منحوس.
– **بي نَصيبائي، بي نَصيبي:** ث. بدقسمتي. بدبختي. ندورائي ـ چندائي ـ نحوست.
– **بي نَظير:** صفت. بي مثال ـ لاثاني. لاجواب. اَملهه. اَتور.
– **بي نَعْل، بي نَعْلو:** ذ. صفت. نعل (سنبن هيڻان لوهه جون ڪمانون) لڳل نه (گهوڙو).
– **بي نَڪ:** ذ. صفت. جنهن کي نڪ نه هُجي ـ نرلجو. بي ديدو. نرجو.
– **بي نمازي:** ذ. صفت. نماز نه پڙهندڙ.
– **بي نَمڪُ:** صفت. اَلرٽو ـ ڦڪو.
– **بي نِندائي:** ث. بي آرامي ـ بيقراري.
– **بي نِندو:** ذ. صفت. جنهن کي نند نه هجي. بي آرام ـ بيچين. بيدار ـ سجاڳ.
– **بي نَنگ:** ذ. صفت. بي ننگو. بيحيا.
– **بي نَنگائي:** ث. ننگ جي ناشناسي. بيحيائي ـ بيشرمي. بيوڙائي. بي لحاظي. بيغيرتي.
– **بي نَنگو:** ذ. صفت. ننگ ناموس جي برواهه نه ڪندڙ ـ نرلجو. بيشرم. بي وڙو. بي لحاظ ـ بيمروّت. برادريءَ ۾ پير نه پويندڙ.
– **بي نُور:** صفت. معذور ـ نابينا. تاريڪ.
– **بي نهايت:** صفت. بيحد ـ بي غايت.
– **بي نِياز:** صفت. غير محتاج. بي احتياج. بيپرواهه ـ لاپرواهه.
– **بي نِيمو:** ذ. صفت. بي اصول. بيوقتو ـ ڪمهلو.
– **بي واٽ ج بي واٽا:** ذ. صفت. رستي منجهيل ـ رستي کان ٽريل. گمراهه.
– **بي وارائتو (ل):** ظرف. زور سان ـ زورائتو ـ ڏاڍو (ڏ ڪ).
– **بي وارث:** صفت. جنهن جو ڪو وصي وارث نه هجي ـ لاوارث.
– **بي وارثو:** ذ. صفت. بي وارث.
– **بي واسطو:** ذ. صفت. بي وسيلي ـ بي ذريعي. خواهه مخواهه ـ اجايو. غير جانبدار.
– **بي واسطي:** صفت. بي واسطو.
– **بي واڪ:** ذ. صفت. ڪمزور ـ نبل ـ ضعيف. پوڙهو. بوڙو ـ ڪهيرو (ڪ).
– **بي والي:** صفت. بنا حاڪم جي. مربّيءَ کان سواءِ.
– **بي واهه:** صفت. جنهن جو ڪو واهه وسيلو نه هجي ـ بيوس. اڌين. بي واتو. لاچار. ڏتريل. (ث) بيواهه ـ رن زال .. رنڊ.
– **بي واهر:** صفت. جنهن جو ڪو وسيلو يا مددگار نه هجي .. بيڪس ـ بيوس ـ لاچار.
– **بي واهو:** ذ. صفت. بي واهه. (ث) بي واهي ج بي واهيون.
– **بي وجود:** صفت. وجود نه رکندڙ. عدم پيدا.

– **بي وَجه:** ظرف. ڪنهن به سبب کان سواءِ ۔ بنا سبب. خواهه مخواهه ۔ خالي پيلي ۔ هروپرو. آجايو.

– **بي وڃائتو:** ڏ. صفت. بي وڃو. بي ننگو. ڪميڻو. احسان فراموش.

– **بي وڃائي:** ٿ. بي ننگائي. بي محابائي. اڻنگائي. ڪميڻپ.

– **بي وڃو:** ڏ. صفت. جو ڪنهن سان وڃ يا لاڳ نه ڪري ۔ بي محابو ۔ بي لحاظ ۔ بيمروت. بي ننگو. ڪميڻو. احسان فراموش ۔ ڪُڇ چور. بي قربو. نالائق.

– **بي وَس:** صفت. جنهن جو وس يا اختيار نه هلي ۔ لاچار ۔ مجبور. معذور.

– **بي وَسي:** ٿ. لاچاريءَ جي حالت. لاچاري ۔ مجبوري.

– **بي وضع:** صفت. اڻنگو. بي ادب.

– **بي وَطن:** صفت. جنهنجو ڪو وطن نه هجي ۔ سدا مسافر. رولاڪ پرديسي. جلاوطن ۔ ملڪ نيڪالي مليل.

– **بي وطني:** ٿ. جلاوطني. شهر نيڪالي ۔ ڏولاٽو.

– **بي وفا:** صفت. انجام نه پاڙيندڙ. دوستي نه نباهيندڙ. غير وفادار. نامهربان.

– **بي وفائي:** ٿ. انجام جي اڻ پورائي. وعدي فراموشي. سنگت ۾ ڪوڙائي.

– **بي وَقار:** صفت. بيعزت ۔ بي آبرو.

– **بي وقاري:** ٿ. بيعزتي ۔ بي مانائي.

– **بي وَقت:** ظرف. ڪُمهلو ۔ اوريلو. اوچتو ۔ اچانڪ.

– **بي وَقتو** ج **بي وَقتا:** ڏ. صفت. پوري وقت کان گهٽ واڳ يا پوءِ آيل. ڪُمهلو.

– **بي وَقعت:** صفت. بي وزن. بيعزت ۔ ذليل. بي تعظيم.

– **بي وَقوف** ج **بي وَقوف:** ڏ. صفت. [فا. بي + ع. وقوف] بي عقل ۔ نادان ۔ احمق. ابوجهه ۔ اَجاڻ ۔ بي سمجهه.

– **بي وَقوفاٽو:** صفت. نادانيءَ جو ۔ احمقاٽو.

– **بي وَقوفائي:** ٿ. بيوقوفي.

– **بي وَقوفي:** ٿ. نااهل ۔ ڪم عقلي. چريائي. نادائي ۔ حماقت.

– **بي ويرمو** ج **بي ويرما:** ڏ. صفت. بنا ديرجي ڪم ڪندڙ. جلد ڦرت.

– **بي ويساهه:** صفت. جنهن تي اعتبار يا پروسو نه ڪجي ۔ بي اعتبار. بي پروسي ۔ نامعتبر. ڪنهن تي به ويساهه يا اعتبار نه ڪندڙ ۔ شڪيّ.

– **بي ويساهو:** ڏ. صفت. بي ويساهه.

– **بي ويساهي:** ٿ. ويساهه نه هڻڻ واري حالت ۔ بي اعتباري. بي پتيائي ۔ بي پَروسائي.

– **بي ويسهه، بي ويسهو:** ڏ. صفت. بي ويساهه.

– **بي وِيڪو:** ڏ. صفت. جنهن ۾ ڪا ويڪ يا وڏ نه هجي ۔ بي عيب. بي داغ.

– **بي هٿيار:** صفت. جنهن کي ڪو هٿيار پنوهار نه هجي. هٿين خالي ۔ غير مسلح. بي پهچ.

– **بي هٿيارو:** ڏ. صفت. بي هٿيار.

– **بي هراس:** صفت. بيخوف. بيباڪ

– **بي هِمّت:** صفت. ڪاڪُٽر ۔ گيدي. ڪاهل ۔ سست.

– **بي هُمتا:** صفت. بيمثال ۔ لاثاني.

– **بي همراهه:** صفت. جنهن جو ڪو سنگتي سائي نه هجي. جنهن جو ڪو ٻانهن ٻيلي نه هجي. بي مددگار. بيوس.

– **بي همراهو:** ڏ. صفت. بي همراهه.

– **بي هُنر:** ڏ. صفت. جو ڪوبه هنر يا ڪاريگري نه ڄاڻي. جو ڪنهن به فن ۾ ماهر نه هجي. بي گڻو "هنر واري جو هنر جي جند" (پهاڪو).

– **بي هُنري:** ٿ. جٽيائي.

– **بي هُنگام:** صفت. [ف] بي وقته. بي موقعي.

– **بي هوش:** صفت. غش. غافل. بدحواس. بي سمجهه ۔ بيخبر.

– **بي هوشي:** ٿ. غشي. بدحواسي. بي سُرتائي. بي خبري. غفلت.

– **بي يار:** صفت. بي مددگار. بي همراهه. اڪيلو.

• **بَيابان:** ڏ. [فا. بيابان < بي آبان = (بي = سواءِ + آب = پاڻي) بنان پاڻيءَ جي] بر ۔ صحرا ۔ رڻپٽ. بريت.

– **بَياباني:** ٿ. ويراني. سَڃ. (صفت) صحرائي. بَري.

• **بَياڏ** ج **بَياڏا (ت):** ڏ. صفت. گهٽو ۔ بيحد.

• **بِياس:** اسم. خاص. پنجاب جي پنجن ندين مان هڪ نديءَ جو نالو. (جاسنڈو درياءِ جي پرتي ڪندڙ شاخن مان هڪ آهي).

• **بَياض:** ڏ. [ع] اَڇائي. اڇو ڪتاب يا دفتر. خاص نڪتن يا مسئلن يا شعرن جو ڪتاب. ڪتاب جي قلمي نسخي ۾ خالي رهيل ٽڪرو.

– **بَياضِ حشر:** ڏ. اڪ جو اڇو پاڳو.

– **بَياضي:** ٿ. جلد بنديءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ جلد جو پوش يڪي چمڙي جو ٿئي). عمدو شعر يا نظم.

• **بَيان:** ڏ. [ع] زباني. اظاهر. شاهدي. ڳالهه. ذڪر ۔ احوال. گفتگو ۔ ڪلام. علم بلاغت جو هڪ قسم ("عِلم البَيان" جنهن ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو بحث ڪيل هوندو آهي).

– **بَيان ڏيڻ:** اظهار ڏيڻ. شاهدي ڏيڻ.

– **بَيان ڪيڻ:** اشتهار ڪيڻ. اعلان ڪرڻ.

– **بَيان ڪرڻ:** احوال ڏيڻ. ذڪر ڪرڻ. روئداد ٻڌائڻ. ڳالهه ڪرڻ.

– **بَيان وڃڻ:** ڏوهيءَ يا شاهد کان زباني پڇڻ ۽ ڪاغذ تي لکڻ.

• **بَيانو** ج **بَيانا:** ڏ. [ع. بيعانه = وکرو] سودي ٻڌڻ لاءِ اڳوات ڏنل ڪجهه رقم ۔ سُوڏي.

– **بَيانو ڏيڻ:** سودي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪجهه رقم اڳوات ڏيڻ ۔ سُوڏي

ڏيڻ ـ شاهي ڏيڻ (ت).

• **بي. اي:** ذ. [انگ. Bachelor of Arts جو مخفف] ڪاليج جي چوٿين سال جو امتحان (جنهن جي پاس ڪرڻ بعد "گريجوئيٽ" ٿيڻ جي ڏگري ملي).

• **بَيبان:** ذ. [فـ. بيابان] بيابان "ڪرڻا ڏونگر ڪَهه گهٽي، جت بريت ۽ بيبان" (شاه).

• **بَيبائي:** صفت. بيابان واري. بيابان جي.

• **بَيبائي (لس):** ظرف. چپ ۾ ـ ماڻ ۾ ـ خاموش. بيبيل حالت ۾.

• **بيبرڪ (ڪ):** ٿ. پشر جو هڪ قسم ـ ڏوتل پشر.

• **بيبڻ:** مصدر. بيبجڻ. وڌڻ. بڪڻ. ماليحوليا ٿيڻ. (بيبيو ـ بيبيل).

• **بيبه:** ٿ. وڌل. بڪ.

– **بيبجڻ:** مصدر. "بيبڻ" مان فعل مجهول. چريو ٿيڻ. هوش وحواس بڪواس ڪرڻ. بدحواس ٿيڻ.

• **بيبي ج بيبيُون:** ٿ. [ف] عورت ـ زال. سڪر زال ـ شريف عورت. خاتون ـ صاحب. گهرڌياڻي ـ بيگم ـ خانم. سائڻ. گهر واري ـ استري. ڪنوار. سيدياڻي ـ آرياڻي. لڪمڻي عورت.

• **بيبي تنوري:** ٿ. نڪين جاول ٻار جي لاءِ هڪ خيالي سپاڻو ڪردار (جنهن جي نالي ڇڻيءَ جي پت مان دائي اڏائي ڏيون ڪيديِ).

• **بَيتُ ج بَيتَ:** ذ. [ع. بيتٌ ج أبيات] شعر. بن ٽُڪن وارو شعر ـ دوهرو. بن ڪان وڌيڪ ٽُڪن وارو خاص قسم جو سنڌي شعر "شاه جا بيت" "جي تو بيت پانڌيا.. سي آيتون آهين" (شاه). عام سنڌي ڏِکو نظم جو نڙ تي آلاپجي "نڙ ۽ بيت". [ع. بيتٌ ج بُيُوت] گهر ـ جاءِ "جوڙي قلب بيت ربي. انسان ۾ سمايو".

– **بَيتُ اللّٰه:** ذ. خدا جو گهر ـ مسجد (اسم خاص) ڪعبة الله ـ ڪعبو.

– **بَيتُ الْحَرام:** ذ. وڏيءَ حرمت يا عزت وارو گهر (يعني ڪعبو شريف).

– **بَيتُ الْحُزْن:** ذ. غم جو گهر ـ ماتم جو گهر. (اسم خاص) هڪ جاءِ جو نالو (جتي حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽ يوسف عليه السلام جي جدائيءَ ۾ ڏاڪ ڪندو ۽ روئندو هو). انساني دل. هيءَ دنيا.

– **بَيتُ الْحِكْمة:** ذ. (ع. = دانائيءَ جو گهر) خليفي مامون الرشيد جو جوڙايل درسگاه (حڪمت ۽ علوم (سائنس) جي تعليم لاءِ). الله جي عشق واري دل.

– **بَيت اللَّحْم:** اسم خاص. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنڻ جو هنڌ.

– **بَيتُ الخَلاء:** ذ. (ع. = خلوت جو گهر) ڪاڪوس ـ پائخانو ـ پُٽي ـ موريز.

– **بَيتُ الشَّرَف:** ذ. (ع. = بلندي ۽ بزرگيءَ جو گهر) نجوم جي اصطلاح ۾ اهو برج جنهن ۾ ستن وڏن گرهن مان ڪنهن به هڪ کي سعادت ۽ شرف حاصل ٿئي (جيئن آفتاب جو شرف حمل ۾. چند جو ثور ۾. مشتري جو سرطان ۾. زهره جو حوت ۾. عطارد جو سنبله ۾. مريخ جو جدي ۾ ۽ زحل جو ميزان ۾).

– **بَيتُ الصَّنَم:** ذ. [ع. بَيتٌ = گهر + صنم = بُت] بتخانو. محبوب جو گهر.

– **بَيتُ الْعَتِيق:** ذ. [ع. بيت + عتيق = ڪُهنو] قديم گهر ـ ڪعبةالله (جو حضرت آدم جي وقت کان وٺي عبادتگاه هو).

– **بَيتُ الْغَزَل:** ذ. (ع. = غزل جو گهر) سڄي غزل ۾ چوند عمدو شعر.

– **بَيتُ الْمال:** ذ. اسلامي حڪومت جو قومي خزانو. اسلامي حڪومت جي خزاني آفيس. (جنهن مان عام پبلڪ لاءِ خرچ ڪيو وڃي). پبلڪ جو پئسو.

– **بَيتُ الْمَعْمُور:** اسم خاص. زمردن ۽ ياقوتن جي مسجد (جا ڪعبي شريف جي بلڪل مٿان ستن آسمانن تي تصور ڪيل آهي. ۽ حضرت نوح جي طوفان کان اڳي ڪعبو هئي. "معمور" يعني "آباد" نالو انهيءَ تخيل جي ڪري ٻيو ته هر وقت ان ۾ ملائڪ زيارت لاءِ اچن ٿا). اها دل جا هميشه ماسوا کان منهن ڦيري الله جي يادگيريءَ ۾ مشغول هجي.

– **بَيتُ الْمَقْدِس:** ذ. (ع. = پاڪائي جو گهر) جيروسلم (شام جي ملڪ) ۾ اسلام کان اڳ نبين جو قبلو. حضرت سليمان واري مسجد. مسجد اقصيٰ.

– **بَيت بازي:** ٿ. شعر ۾ سوال جواب. شعر پڇاڙ جي چتاپيتي (جنهن ۾ هڪڙو ڇٽو شعر چوي ۽ ٻيو وري ان جي جواب ۾ شعر چوي. جنهن جو ٻهريون اکر اڳئين شعر جو پويون اکر هجي).

• **بيتال:** ذ. [سن. ويتال = مُردو جنهن ۾ پوت واسو ڪري. هڪ جنّ يا پوت جو نالو] جنّ ـ پُوت.

• **بيتالُ، بيتالو:** ذ. صفت. بي تالو. تار ني ٻڌائيندڙ. تار کان ٻاهر.

• **بيترٽو ج بيترِٽا (ٽ):** ذ. پير جي ماپ لاءِ چمڙي جو ٽڪر.

• **بَيتَل (ت):** ٿ. صفت [بتال > بيتل] بي سُري ـ بيتالي. چندي ـ نياڳي.

• **بَيتٌ ج بَيتَ:** ذ. [ع. "بيتٌ" جو بگڙيل اُچار] بَيتُ.

• **بَيتَ ج بَيتُون:** ٿ. [انگ. bat] ڪرڪيٽ راند کيڏڻ لاءِ هٿئي سان ٽُلهي پٽي (جنهن سان بال کي ڏڪ هٽجي).

• **بِيٽ ج بِيٽُون:** ٿ. [انگ. beat] حد ـ علاقو.

• **بِيٽ:** ذ. وادڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ رندي جو هڪ قسم (جنهن سان ڪاني‌ءَ تي سونهن لاءِ چير وجهجي) ـ جهڑي رندو ـ ماهيچو.

• **بيٽ ج بيٽ:** ذ. [انگ. beet] پاڄيءَ جو هڪ قسم (گوگڙوءَ جي شڪل جهڙو، جو اندران گاڙهو ۽ قدري منو ٿئي).
• **بيٽون (ت):** ث. تترن جي هيرائڻ لاءِ ڇوڻ وجهڻ جي جاءِ.
• **بيٽ:** ث. [سن. وِشْتَ] چيلهه جو سندرو ـ ڪمريتو (جنهن ۾ تلوار يا خنجر لڙڪيل هجي "ڪاني بيٽ ۾ هٿي، بيٽ ۾ ڪان هٿي"
– **بيٽ بڌڻ:** سندرو ٻڌڻ ـ ڪمر يتو چاڙهڻ ڳوٺيءَ سان لطيف چٽي، پيڙو ٻڌي بيٺ" (شاهه). تيار ٿيڻ. سعيو ڪرڻ ـ ڪوشش ڪرڻ. همت ڏيکارڻ.
• **بيٺو:** ظرف. [مصدر "بيهڻ" مان] بيهڻ واريءَ حالت ۾. بيٺي.
• **بَيٺڪ ج بَيٺڪون:** ث. [سن. وِشْ + هڪ هنڌ ويهي رهڻ] ويهڪ ـ نشست. ويهڻ جو هنڌ. ويهڻ جو نمونو. ڪسرت ۾ ويهڻ جي حالت ـ ڏنڊ، آسڻ. اوطاق. ڪچهري ـ مجلس. نوآبادي ـ نئين بستي.
ـ **بَيٺڪي راج:** ذ. نوآبادي، جو راج. نيم آزاد حڪومت.
• **بيٺلُ ج بيٺلَ:** ذ. صفت. [سن. وِشْتَ = بيٺل] آٽيل ـ ڪڙو ـ قائر. آڻ وهندڙ (پاڻي). رهائيءَ يا رسوخ وارو (ماڻهو) ـ هلندي پڄندي، وارو. سڳهو. سائو ـ سُڪيو. وڏي مرتبي يا عهدي وارو. وڏو ماڻهو.
– **بيٺلائيءَ:** ث. هلندي پڄندي ـ رسوخ. پهچ. مؤسي ـ همت.
– **بيٺلائي:** ث. بيٺلائپ "تہ ڪر بيٺلائيءَ ۾ نيڪي سڏائين".
– **بيٺل پاڻي:** محاورو. بخيل ـ تنگدل. ڪم همت ـ بزدل.
– **بيٺل ڪار:** ذ. صفت. هلندي پڄندي، وارو (ماڻهو).
– **بيٺي ٻڌي:** ث. بيٺلائي. هوند. وسعت.
– **بيٺي پوک ڪائڻ:** ڪمائي يا قل هت اچڻ کان اڳ خرچ ڪري ڇڏڻ.
– **بيٺي پير:** ظرف. پيرن ۾ بيٺي ـ ويهڻ يا ترسڻ کان سواءِ. يڪدم ـ جلدي ـ تڙي ڪڙي ـ جهٽ پٽ ـ ٽهه پهه ـ انهيءَ دم.
– **بيٺي پير آڻڻ:** سواءِ ترسڻ جي فوراً واپس اچڻ ـ يڪدم موٽڻ.
– **بيٺي ڪَري (ت):** ظرف. بيٺي پير.
• **بيجارو ج بيجارا (ت):** ذ. ننڍو پار ـ ٻارڙو. ٻچو ـ اولاد.
• **بيجَنٽي:** ث. [سن. وَيْجَيَنْتي] جهنڊو ـ واڻنٽي.
• **بيجو ج بيجا:** ذ. ٻارن کي ڊيڄارڻ يا راند ڪرائڻ لاءِ ڪاغذ جو ٺهيل خوفناڪ مُنهن ـ a mask. سانگ.
• **بيجُون:** صفت. [ف] بيمثل ـ بينظير ـ اَمٽ ـ لاثاني. لاجواب. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "حمد يا حمد بن چوان، جو بيمثل بيجون آ" (رمضان ڪنبر).
• **بيحَدُ:** ظرف. [ف. بي + ع. حدّ] جنهن جو چيهه نہ هجي ـ بي انت ـ لا انتها. تمام گهڻو ـ بيحساب ـ بيشمار.
• **بيخ ج بيخون:** ث. [ف] ٻاڙ ـ جڙ. پيڙهه. اصليت ـ بنياد. ٻج ـ تخم.
– **بيخ ڪڍڻ:** ٻاڙ پٽڻ" بند ڪڍڻ. جمار ڳارڻ. ڏَڪائڻ. ڪ ڪرڻ.
– **بيخ ڪڻ:** صفت. [ف] ٻاڙ پٽيندڙ ـ ناس ڪندڙ.
– **بيخ ڪَني:** ث. ٻاڙ پٽڻ جي حالت. بربادي ـ تباهي.
– **بيخ ڪَني ڪرڻ:** ٻاڙون پٽڻ. خراب ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.
• **بيخُود:** صفت. [ف] پنهنجو ٻاڻ وساريندڙ. ٻاڻان ڏار "بيخود هلج بر ۾ ، آ، تو ڇُٽان ايئن" (شاهه). آپي کان ٻاهر. بيهوش. بدحواس.
– **بيخُودي:** ث. وجد جي حالت (جنهن ۾ پنهنجي بدن جي ڪا سُڌ نہ رهي) ـ بيخبري. بيهوشي. مدهوشي. خمار. بدمستي. بدحواسي.
• **بيد:** اسم خاص. شڪارپور ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بيدَ ج بيڈ:** ذ. [سن. ويتَر] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جا پن دوا طور ڪم ايندا آهن). هيءَ وڻ ٻهاڙن ۾ ٿيندو آهي. هن جون ٽاريون سنهيون ۽ لچڪيدار ٿين. جن جي ڪل سان ڪرسيون واڻيون آهن. هن جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: بيد انجير. بيد پياده. بيد خام ، بيدروان. بيد ساده. بيد سرخ. بيد سياه. بيد طبري. بيد گريه. بيد مجنون. بيدمشڪ ۽ بيدموش).
– **بيدباف:** ذ. صفت. [ف. بيد + باف > بافتن = اُڻڻ] ڪرسين وغيره جي ٽيٽ سان مڙهيندڙ. ٽوڪريون ٺاهيندڙ.
– **بيد مال:** ذ. ترار وغيره کي صاف ڪرڻ لاءِ بيد جي ڪاڻيءَ جو اوزار.
• **بيدڙ:** ذ. [ه] ويدڙ. ويڄ.
• **بَيدو:** ذ. ويدُ — ڏرمي پستڪ "ڪني بيد وياڄا جوگيئين. ڪي پوٽيين پڙهن، (لطف الله قادري).
– **بيدي:** ذ. صفت. ويدن جو ڄاڻ. وید پڙهيل برهمڻ ـ ودياوان برهمڻ. (اسم خاص) سڪن جو هڪ فرقو (گرويوتا).
• **بيداد ج بيدادَ:** ذ. [ف] بي انصافي ـ انياءَ ـ انڌير ـ بغداد. ظلم ـ ستم ـ ڏاڍائي.
– **بيدادي ج بيدادِيون:** ث. بي انصافي ـ ڏاڍائي ـ ظلم.
• **بيدار:** صفت. [ف] سجاڳ ـ سُجيت ـ جاڳيل. خبردار ـ هوشيار.
– **بيدار بَخت:** صفت. پلي پاڳ وارو ـ خوش نصيب ـ سپاڳو.
– **بيدار دل:** صفت. زنده دل ـ روشن ضمير.
– **بيدار مَغز:** ذ. صفت. گليل دماغ وارو ـ هوشيار ـ سمجهو ـ عاقل ـ فهيم.
– **بيداري:** ث. سجاڳي ـ جاڳرتا. سچيتائي ـ خبرداري. هوشياري. سمجهه ـ عقل.
– **بيدانت:** ذ. ڏسو "ويدانت".
– **بيدانتي:** ث. ويدانتي.

• **بيدانو ج بيدانا:** ذ. صفت. [ف. بي + دانه] دانن کان سواء. جنهن (قل) ۾ دانا (بج) نہ هجن (ڏاڙهون. زيتون وغيره جو هڪ قسم).

• **بيدَخل:** صفت. [ف. بي + ع. دخل] کڊي ڇڏيل. نيڪالي مليل. برطرف. خارج.

– **بيدخل ڪرڻ:** قبضو ڇڏائڻ. کڊي ڇڏڻ. خارج ڪرڻ.

– **بيدخلي ج بيدخليون:** ث. نيڪالي. برطرفي. بيدَرَج بيدَرَونْ (ل): ث. مزوري. خدمت.

• **بيدرد:** صفت. [ف] جنهن کي ڏک سور نہ هجي. بي قياس. بي رحم. بي غم ۽ بيفڪر. ڪنور ۽ بٺردل ۽ سنڊگل.

– **بيدردائي، بيدردي:** ث. بيرحمي ۽ بي قياسي. سنگدلي ۽ ڪنورائي.

– **بيدردو ج بيدردا:** ذ. صفت. بيدرد ۽ بيرحم. بي قياس.

• **بيدل:** ذ. صفت. [ف] دل کان سواء. بد دل. بي همت (اسم خاص) سنڌ جي هڪ مشهور شاعر (قادر بخش روهڑيءَ واري) جو تخلص.

• **بيدي ج بيديُون:** ث. [ف. 'بيداد' مان بگڙيل لفظ] بيداد ۽ ظلم ۽ ناحق. ڦر ۽ ڏاڙو. ڏاڏ. [ع. 'بَيداء' مان بگڙيل لفظ] بيابان ۽ رڻ پٽ ۽ سُڃ "بيدي ٿيو پنهور، حشر ڪري هليا" (شاهه). هندو عبادت خانو ۽ ٺڪاڻو. [ف. 'بازي' مان بگڙيل لفظ] حرفت ۽ اٽڪل. حرڪت. چيڙ. روڪ ۽ اٽڪ.

– **بيديون ڪيڏڻ:** حرفتون ڪرڻ ۽ اٽڪلون هلائڻ ۽ چالبازيون ڪرڻ.

• **بيڌ ج بيڌَ (ت):** ذ. [سن. بيڌ] ڳڇ ۽ راز.

• **بيڌَڙَڪ:** ظرف. [بي + ڌڙڪ] بنا ڊپ ۽ بي ڊپ ۽ بيخوف. بيڪدم ۽ اَمالڪ ٿيڻ. بنا رڪ رڪاڻي ۽ سنئون سڌو.

• **بيڌڻ:** مصدر. [سن. ويڌَنَ] ونڌڻ ۽ سوراخ ڪرڻ ۽ ٽنگ ڪيڻ ۽ سلڻ. وڌڻ. ڪوٽڻ. ڏکوئڻ. (بيڌيو ۽ بيڌيندو ۽ بيڌيل).

– **بيڌي:** ذ. صفت. ونڌيندڙ.

• **بيڌَڪ ج بيڌَڪُون:** ث. [سن. پاڌُيَڪ = ننڍڙو ٽانءُ. پيالو. صندوقڙي] ننڍڙي هڙ ۽ ٻنارڪ ۽ ٻڊ ۽ ٻڊڙي.

• **بِيرُ ج بِيرَ:** ذ. صفت. [سن. ويرَ] پهلوان ۽ سُورمو. (ذ) [ع. بِئْر] کوهه "بير ڪنيائون بَر ۾، بيارين پهون" (شاهه). [انگ. barium] ڌاتوءِ جو هڪ قسم ۽ پالتو لوهه. [انگ. beer] شراب جو هڪ قسم (جو جَون مان ٺاهيندا آهن).

• **بيراڳ:** ذ. [سن. ويراگْيہ = دنيا جون خواهشون ۽ لذتون ترڪ ڪرڻ. زهد. پرڀتي. عبادت. بچتاءِ] دنيا جو ترڪ ۽ دنيا کان بيزاري ۽ دنيوي ڳالهين کان ٻچاڻ نفس ڪشي. رياضت. تياڳ ۽ ويراگ. سنياس. غمگيني ۽ اداسائي ۽ مايوسي. وچوڙو.

– **بيراڳيٽو:** ذ. تياڳ ۽ ٽرڪ بيراڳيءَ جي حياتي (جا تيسيا ۾ گذري).

وچوڙو ۽ فراق.

– **بيراڳِڻ ج بيراڳِڻيُون:** ث. جنهن زال ويراڳ ورتو هجي ۽ ويراڳڻ. جوگياڻي. [سن. وراگِي] ڪنديءَ واري نندي ٽٻ جا بيراڳي فقير ڪڇ هيلان رکي ٽيڪ ڏيئي ويهندا آهن يا ان تي مٿو نمائي ڏيان ۾ رهندا آهن.

– **بيراڳِي ج بيراڳي:** ذ. صفت. ويراگي ۽ سنياسي ۽ تارڪ اداس ۽ ملول. عاشق. فقير.

• **بَيران:** ذ. [ف. ويران] ويران ۽ سُڃ ۽ بريت. (صفت) غيرآباد ۽ برباد ۽ اُجڙ "وصفن تنهنجي ويران ڪيو، برهه بَٽ بيران ڪيو" (بيرل).

– **بَيران ٿيڻ:** ويران ٿيڻ ۽ برباد ٿيڻ. حيران ٿيڻ. پريشان ٿيڻ.

– **بَيران ڪرڻ:** ويران ڪرڻ. حيران ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

– **بَيرانِي ج بَيرانِيُون:** ث. ويراني ۽ سُڃ. حيراني. پريشاني. خرابي.

• **بِيربَل:** اسم خاص. اڪبر بادشاهه جيءَ هڪ وزير جو نالو (جو مزاحيه لطيفن ۽ عقلي تجويزن جي ڪري مشهور آهي).

• **بَيرَق ج بَيرَقُون:** ث. [ترڪي. بَيراق] جهنڊو ۽ علَم. جهنڊي جو ڪپڙو. ٽي چار ڳڌيل جهنڊيون (جي ٻيڙيءَ جي آڏجي چوٽيءَ ۾ ٻڌندا آهن).

• **بِيرِڪ (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم.

• **بِيرَمَ ج بِيرَمَ:** ذ. [ع. بَيرَم = سيراهي. ڏگهو پٽ. ٻاهوڙو] ڪاٺي يا ساهميءَ جو ڪانو ۽ ڊيڪلي (lever). لوهه جي لٽ جنهن سان ڳرو بار هلڪو ڪري کڄي ۽ پارائي.

• **بَيرَم:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم "تن جو پرهڻ بيرم بادلا، ڊرڪڻ چڳيءَ ڊار" (قطب شاهه).

• **بَيرَم خان:** اسم خاص. همايون بادشاهه جي هڪ ترڪ امير جو نالو (جو اڪبر بادشاهه جو استاد ۽ صلاحڪار هو).

• **بيرنگ:** ذ. صفت. [انگ. bearing] لفافو يا ڪاغذ جنهن تي ٽڪلي بلڪل لڳل نہ هجي يا گهٽ قيمت واري ٽڪلي لڳل هجي.

• **بِيرِٽي ج بِيرِٽِيُون (ت):** ث. ڪاهه ۽ هلان ۽ جُلهه ۽ حملو "بيرٽي بجر ڪري، وڃي لاڙي لٽ هنئي" (ڪامل ٿوٽ).

• **بيرو ج بيرا:** ذ. پاڻي ڇڏي وڃڻ بعد ڪارو ۽ ڪجو سڙيل ٻُهه. [انگ. bearer] هوٽلن. دعوتن يا ريلوي وغيره ۾ ماني کڻي پهچائيندڙ نوڪر.

• **بِيرو ج بِيرا (ث):** ذ. دِسڙ ۽ ڏوڙ. ڏز ۽ رڻي .. [ع. بِئْر] کوهه.

• **بَيرُوت:** اسم خاص. شام لڳ لبنان ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ.

• **بيرُون:** ظرف. [ف. بيرون] ٻاهر ۽ ٻاهرئين پاسي ۽ ٻاهران.

– **بيرون جاتا:** ث. [ف] شهر جون باهريون بستيون ـ ديهات ـ بهراڙيون.
– **بيرُون جاتي:** صفت. گونائو ـ بهراڙيءَ وارو.
– **بيرُوني:** صفت. باهريون. غيرملڪي.
• **بيرُوني:** اسم خاص. مشهور مسلم عالم ۽ محقق اَبوريحان البيرُوني (جنهن کيترن ئي علمن ۽ ڪتاب لکيا ۽ خاص طرح پنجين صدي هجريءَ جي شروع ۾ هندستان بابت 'ڪتاب الهند' لکيائين. جنهن ۾ استعمال کيل ڪي مقامي الفاظ ۽ محاورا 'سنڌي بوليءَ' سان ملن ٿا).
• **بَيرُون:** صفت. [ف. ويران] ويران. ڏڪيل. پريشان.
– **بيرون ٿيڻ:** ويران ٿيڻ. بيحال ٿيڻ ـ بد حال ٿيڻ. ڏلجي وڃڻ.
• **بَيرُونڪ** ج **بَيرُونڪَ:** ذ. ڪڙيل صورت ۾ جاول بار.
• **بَيرُونڪَ** ج **بَيرُونڪ (ث):** صفت. ڪاوڙيل (ماڻهو).
• **بيرهه:** ذ. صفت. گهرو ـ باري. ٽلهڙ. ڏهڙڏلو. بي ڏولو. وڏي پڪ يا چپ.
• **بيرَهِنْ:** صفت. بيرهه. (ذ) وڏو ڪجون.
• **بيزار:** صفت. [ف] **ڪڪ** ـ **وياڪُل** ـ پريشان. برَ. نفرت ڪندڙ. ناخوش ـ ناراض ـ رنج ـ خفي. دست بردار ـ لاڏعويٰ.
– **بيزاري** ج **بيزارِيُون:** ث. پريشاني ـ ناراضگي. رنجش ـ خفو. دست برداري. نفرت.
– **بيزاري ڏنل:** ث. اِها شيءِ جنهن جي دعويٰ ڇڏيل هجي. دست برداري ڏنل.
– **بيزاري نامو:** ذ. دستبرداريءَ جو دستاويز.
– **بيس:** ذ. ويس ـ لباس.
• **بيس:** صفت. [ه] ويهَ (۲۰) "ڪونجان رات ڪَريڙيو. تولي تولي بيس" (رسالو: ڀول مارئي).
• **بيساکُ:** ذ. [سن. وَيشاک] ويساک جو مهينو.
• **بيسُٽ:** صفت. [ف] ويهَ (۲۰).
• **بيسُتُون:** صفت. [ف. بي سَتُون = ٿنب کان سواءِ] بنا ٿنب ٽوٽيءَ جي. (اسم خاص) ايران ۾ هڪ مشهور جبل جو نالو (جنهن مان فرهاد، شيرين کي حاصل ڪرڻ لاءِ نهر کوٽي هئي).
• **بيسَڙ:** نديءَ ٽڪ (گهڻ جو هڪ قسم). بينسر.
• **بيسُڙنامو:** اسم خاص. ڪلام جي هڪ مجموعي جو نالو (جيڪو چوڏ ۾ اچي ٿو ته شاهه عنايت صوفي رحه جي شهيد ٿيڻ بعد ستدس سير جيو).
• **بيسرو** ج **بيسرا:** ذ. [ع. بَيْسَرَة: فه. بيسره] باز (پکي) جو هڪ قسم. بِسر يا بِسرو باز (پکي) جو 'باشي' ۽ 'چِپڪ' جي ميلاپ مان پيدا ٿئي ـ گدو باز.
• **بيسَنُ:** ذ. نديءَ جو پاڻي. جو جاڙهه سبب ڪنارن کان اڳتي وڌي نه اچي نديءَ ۾ پوي. يا ڪنارن تان ئي وهندو رهي.
• **بيسَنْ ج بيسَنَ:** ذ. [سن. ويسَن] ڇٽن يا مترن جو اٽو يا ڀُجرو.
– **بيسَنِي:** صفت. بيسڻ مان ٺهيل (مٺائي وغيره)
• **بيسوا** ج **بيسَوائُون:** ث. [سن. ويشيا] رنڊي ـ ڪسبي ـ ڪسبياڻي.
• **بيسُود، بيسُودو:** ذ. صفت. جنهن مان ڪو فائدو نه ٿئي ـ بيفائدو. بي نتيجي. اجايو ـ فضول.
– **بيسُودائي:** ث. بي فائدگي ـ نقصان. فضولي.
• **بيسُونْدي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.
– **بيش:** صفت. [ف. بيش] زياده ـ گهڻو ـ وڌيڪ. اُجو ـ اعليٰ.
– **بيش بها:** صفت. وڏي اڳهه وارو ـ قيمتي.
– **بيشتَر:** صفت. گهڻو وڌيڪ. بلڪل زياده ـ تمام گهڻو.
– **بيش وڪَمْ:** صفت. وڌ گهٽ ـ گهٽو ٽورو.
– **بيشي** ج **بيشيُون:** ث. واڌ ـ زيادتي. گهٽائي. نفعو.
• **بيشڪ:** ظرف. [ف. بي + ع. شڪ] شڪ کان سواءِ. پڪ ـ يقيني طور. ضرور ـ تحقيق.
• **بيشو:** ذ. [فه. بيشه] بيابان. جهنگل. ٻوڙو.
• **بَيضا:** صفت. [ع. اَبْيَض' جو مونٿ] اُجرو. چمڪندڙ. چٽو. "يَد بيضاءَ" = اجرو يا چمڪندڙ هٿ" (حضرت موسيٰ عليه السلام جو معجزو جو ڪڇ ۾ هٿ وجهي ڪيندو هو ته اهو چمڪندو هو). هڪ شهر جو سڏ جي وسيع حدن اندر عربي دؤر حڪومت ۾ ٻڌايو ويو.
– **بَيضاوي:** صفت. اڌو. شمسي دائرو. ايران ۾ شيراز جي علاقي جي شهر 'بَيضاء' جو رهاڪو (قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بيضاوي). (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ تفسير جو نالو (جو قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بن محمد بيضاوي تصنيف ڪيو هو ۽ جو عام طور مدرسن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو آهي).
• **بَيضا:** ذ. چاندي "ڪنجن بيضا ڪر ٿئا، ديکي جلوه جبين" (ڪبير شاهه).
• **بيضو** ج **بيضا:** ذ. [ع. بَيضه] پکيءَ يا جانور جو آنو.
– **بَيضوي** ج **بَيضوي:** ذ. صفت. آني جي شڪل جهڙو.
• **بَيطارُ** ج **بَيطارَ:** ذ. [ع] جانورن جو ڊاڪٽر.
• **بَيعْ:** ث. [ع] وڪرو ـ فروخت.
– **بَيع نامو** ج **بَيع ناما:** ذ. وڪري جي قبوليت جو ڪاغذ ـ وڪري جو دستاويز.
– **بَيع وشرا:** ث. خريد فروخت.

• **بَيعانو ج بَيعانا:** ذ. [ع. بَيعٌ + فـ. آنه] سودي ۾ ڏنل اڳوات رقم ـ سُوٽي ـ شاهي (ت) ـ بَيانو.

• **بَيعَتَ ج بَيعَتُون:** ث. [ع] تابعداري، جو اقرار. اطاعت ـ فرمانبرداري.

– **بَيعت ڪرڻ:** مرشد جي هٿ تي هٿ رکي تابعداري، جو اقرار ڪرڻ. ڪنهن کي پنهنجو هادي يا رهبر تسليم ڪرڻ.

• **بيقرار:** صفت. [فـ. بي + ع. قرار] بي آرام ـ بيچين ـ بيتابه

– **بيقراري:** ث. بي آرامي ـ بيچيني ـ بيتابي. پريشاني ـ اُٿ تڻ. لوري ـ لوچ پوچ ـ آنڊ ماندَ ـ چور اکورا.

• **بيڪار:** ث. [فـ] ڪم ڪار نه هڻڻ جي حالت ـ نڪمائي ـ بيڪاري. بيروزگاري. "بيڪار کان بيگار ڀلي آهي" (چوٽي).

• **بيڪارَ ج بيڪارَ:** ذ. صفت. [فـ] جنهن مان ڪوبه ڪم نڪري نه سگهي ـ بي ڪمو. ردي ـ خراب. نِڪمٽو ـ واندو. بيروزگار. اجايو ـ فضول. سُست ـ ٽوٽي.

– **بيڪارو ج بيڪارا:** ذ. صفت. بيڪار. ڪنهن نه ڪم جو. ردي ـ چٽه (ث) بيڪاري ج بيڪاريون.

– **بيڪاري:** ث. بيڪار. بيروزگاري.

– **بيڪاريو:** ذ. صفت. بيڪار.

• **بيڪانيرُ:** اسم خاص. [بِيڪو + سن. نَگَرَ بيڪي جو شهر] بهاولپور کان اوپر طرف ڏنگئي اڳوٽي، رياست جو نالو.

– **بيڪانيري:** صفت. بيڪانير جو. (ذ) بيڪانيري اُٽن جي نسل جو هڪ قسم (مٿي ۾ ڪڏ، ڇڄ ننڍي منهن ڇوٽي، جهڙو. ڪن ننڍا نه. ڪوڙي هيٺ وڏي، بدن ۾ جڙ سنهو ۽ ٽڪل پر هلڻ ۾ تکو. قد ۽ ڳچي، ۾ ڊاڀي اُٽن جهڙو).

• **بيڪس:** صفت [فـ بي - بنا + ڪس - ڪوبه ماڻهو] بي يار ـ بي مددگار. بيواهه ـ بي وسيلو. ويچارو ـ ويڳاٽو. نڌر ـ نڌڻڪو. (اسم خاص) سنڌ جي مشهور شاعر قادربخش "بيدل" جي پٽ "محمد حسن" جو تخلص.

– **بيڪسي:** ث. بي وسيلائي. نِڌرائي ـ نِڌڻڪائي.

• **بيڪيتَ ج بيڪيتَ:** ذ. صفت. [فـ. بي = بنا + ع. قيد] بي قيد. جنهن لاءِ ڪو قاعدو قانون يا رواج نه هجي. بي ڪائو. بي ريتو. ڪُريتو. بي نيمو ـ ڪُنيمو. ارادي جو ڪچو ـ ڇٽتو ـ ڇٽتي خور. شڪي ـ ڦرندڙ گهرندڙ. اوڪاتي ـ گهوڪائي. مبهم ـ نامقرر.

– **بيڪيتائي:** ث. شڪي حالت. ڇٽائي. ڪچائي.

– **بيڪيتو ج بيڪيتا:** ذ. صفت. بيڪيت.

– **بيڪيتي:** ث. بيڪيتائي.

• **بيڪ ج بيڪَن:** ث. [فـ بيخ - پاڙ] پاڙ ـ جڙ. بنياد ـ اصل.

– **بيڪ ڪيڻ:** تمام گهٽو رلائي ڪڪ ڪرڻ ـ گهٽو ٽڪائڻ. جڙهه ڪڍڻ.

• **بيڪ ج بيڪَ:** ذ. [سن. ويش] ويس ـ لباس ـ پوشاڪ. ٻاهريون ويس. بهروپ ـ چمڙا پوش. فقيراڻو لباس "بيڪ کي تيڪ" (چوٽي: يعني ته فقيراڻي لباس کي مٽي ٽيڪ يا مان). نمونو ـ صورت ڏيک. ڍونگ ـ مڪر ـ فريب.

• **بيڪاري ج بيڪاري:** ذ. صفت. بهروپي ـ بيڪ ڌاري. جنهن کي فقيراڻو لباس پيل هجي "ڪالهه گڊيوسين ڪاپڙي، بابو بيڪاري" (شاهه).

– **بيڪ ڌارڻ:** ڪنهن فقيراڻي تولي، ۾ داخل ٿيڻ.

– **بيڪ ڌاري ج بيڪ ڌاري:** ذ. صفت. بيڪاري. بهروپي. جنهن کي فقيراڻو لباس پهريل هجي. فريبي ـ مڪار.

– **بيڪ ڪرڻ:** ويس بدلائڻ ـ ڍونگ ڪرڻ.

• **بِيڪ:** ث. [سن. بِڪُشا < بِڪَشْ - گهرڻ. مگڻ. ٻڌڻ] بکيا ـ پن. گداگري ـ فقيري. خيرات لاءِ سَوال. خيرات (جا سوالي فقير کي ڏجي). گهُر ـ منٺ ـ عرض.

• **بِيڪاري ج بِيڪاري:** ذ. صفت. بيڪ ونڊڻ ـ پيٽو ـ گداگر. منگتو.

• **بِيڪ مگڻ:** گدائي ڪرڻ ـ ٻڌڻ.

• **بِيڪَڻ وارَ:** ذ صفت بيڪاري ـ پيٽار "ڪوڙين آيا ڪيترا، بابو بيڪڻ وار" (شاهه).

• **بِيڪاري:** اسم خاص. شڪارپور تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بيگَرَ ج بيگَرَ (ت):** ذ. صفت. [ع. ١. بَيعٌ = وڪرو + فـ خَرْ < خريدن = خريد ڪرڻ. ٢. فـ بَرْ = ميوو + خَرْ < خريدن = خريد ڪرڻ] اُهو ماڻهو جو باغ يا پاڄي مالڪ کان مقاطعي تي وٺي نيڪال ڪري.

• **بيگوتي ج بيگوتيُون (ث):** ث. ڪائي (مُردي کي ڪڍڻ لاءِ). ڪٽ جو هڪ قسم (جا ٻنان پاون جي ڪرسيءَ وانگر هوندي آهي ۽ خاص ڪري وڏي ماڻهوءَ جي مرڻ وقت ناهيندا آهن. جنهن تي مُردن کي سنڻون ويهاري گهٽين يا رستن تان گهمائي پوءِ ساڙيندا آهن).

• **بِيڪوري:** اسم خاص تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بيگَ ج بيگَون:** ث. [سن. ويگ] تيڪ (پاڻيءَ جي) ـ تيز وهڪ ـ چوهه. تيز رفتاري ـ تيزي.

• **بَيگَ ج بَيگَون:** ث. [انگ. bag] چمڙي وغيره جي ٿيلهي يا پيٽي.

• **بيگ'** ج **بيگ:** ذ. [ترڪي] مغل قوم جو خطاب. امير. حاڪم. خان. نواب. سردار. (ث) بيگم ج بيگمون.

• **بيگار** ج **بيگارُون:** ث. [ف] زبردستيءَ سان مفت ۾ ورتل ڪم ـ بيگر (جا اڪثر سرڪاري عملدار يا زميندار غريب ماڻهن کان ونندا آهن) "بيڪار کان بيگار پلي".

– **بيگاري** ج **بيگاري:** ذ. صفت. بيگر ۾ وهندڙ. مجبور ٿي ڪم ڪندڙ. مفت ۾ ڪم ڪندڙ. بي دليو ڪم ڪندڙ. جڏو ڪم ڪندڙ. (ث) بيگرياڻي ج بيگرياڻيُون "لاهي لج لطيف چئي. ٿي بيگرياڻي بر" (شاهه).

• **بيگاري:** اسم خاص. اُتر سنڌ جو هڪ مشهور واهه "بيگاري واهه" (جو سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن وچان وهي ٿو ۽ انگريزن جي شروعاتي دور ۾ بيگر تي کوٽايو ويو هو).

• **بيگانگي:** ث. [ف] ڌاريائي ـ اجنبيت. ناواقفيت ـ اَسونهپ.

• **بيگانو** ج **بيگانا:** ذ. صفت. [ف. بيگانه] ڌاريو ـ پرائو. اوپرو ـ اجنبي. ناواقف ـ اَڻ سونهون. نڏڻڪو ـ بي گهر. پرديسي.

– **بيگانه:** ذ. صفت. [ف] بيگانو.

– **بيگانه بُرم:** ذ. ڌارئين ملڪ جو ماڻهو.

– **بيگانه رُو:** ذ. صفت. ڌاريو ـ ناآشنا.

– **بيگانه نهاد:** ذ. عجب طبيعت جو ماڻهو.

• **بيگاهه:** ظرف. [ف] بي وقتو ـ ڪُمهلو ـ اوپلو. سَتي لوڪ.

• **بيگر** ج **بيگرُون:** ث. [ف. بيگار] بيگار.

• **بيگر ڪرڻ:** زبردستيءَ واري ڪم ڪي ڪنهن حيلي سان هٿائڻ. ڪو ڪم بي دليءَ سان ڪرڻ.

– **بيگر ڪرڻ:** ماڻهن کي زوريءَ ڪم ۾ لڳائڻ. زبردستيءَ وارو ڪم ڪرڻ. تڪڙ سان ڪم ڪرڻ ـ بيخيالو ڪم ڪرڻ.

– **بيگر لاهڻ:** تڪڙ ۽ آڏورو ڪم ڪرڻ.

– **بيگر ۾ وهڻ، بيگر وهڻ:** زبردستيءَ سان مفت جو ڪم ڪرڻ. بيدليو ٿي ڪم ڪرڻ.

– **بيگر هڻڻ:** ماڻهن کي زوريءَ ڪنهن ڪم ۾ لڳائڻ ـ زوريءَ ڪم وٺڻ.

• **بيگرَڻ، بيگرِڻ:** مصدر. پَلي ۾ مختلف مصالحا گڏي تيار ڪرڻ ـ مصالحا ڏيئي پلو پچائڻ.

• **بيگمَ** ج **بيگمُون:** ث. [ترڪي] "بيگ" جو مونث. اميرياڻي ـ اميرزادي. بيبي ـ خاتمون. زال. عورت جي نالي پٺيان عزت طور ڪم ايندڙ لفظ "نورجهان بيگم". عورت جو نالو مائي "بيگم".

• **بيگمانجي:** اسم خاص. خيرپور ۽ روهڙيءَ جي وچ تي هڪ گوٺ. اسٽيشن ۽ ديهه جو نالو.

• **بيگنَ** ج **بيگنَن** (ت): ذ. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏونگو ڳاڙهو. چڙيون مضبوط. سُوٽا ڊگها. ڪاپر مضبوط ۽ گوشا چڊا ٿين).

• **بيگو** ج **بيگا:** ذ. [سن. وِڱُه: هـ. بيگها] زمين جو ٽڪرو (جنهن ۾ ٢٢٥٠٠ چورس فوٽ يا ٢٥٠٠ چورس وال ٽيندا آهن).

– **بيگوٽي** ج **بيگوٽيُون:** ث. اُها زمين جا بيگن پٽاندر ماپ ٽيل هجي (۽ جنهن جي ڏِل پڙ بيگن موجب مقرر هجي).

– **بيگوٽي ماپ:** ث. زنجيرن سان ڪيل ماپ. وڏي ايراضي يا وڏن سروي نمبرن مان جيترو ٽڪرآباد ڪيل هجي. فقط ان آبادي۽ جي ماپ (ڏِل مقرر ڪرڻ خاطر).

• **بيلَ:** ث. [سن. وَلِيْ] وَلِ. [سن. ظلي] موتئي جي گلن جي ول. ڪيڙي وغيره تي گلڪاري (پريل. چاپيل). [سن. وِلْوَ] هڪ قسم جو ميوو ـ بيل ڏل.

– **بيلاٽُون، بيلاٽون:** ذ. صفت. اُها شيءِ جنهن تي گلڪاري نڪتل هجي.

• **بيلَ:** ث. [ف] کوهه مان مٽيءَ ڪڍڻ لاءِ وڏي ڪوڏر. ڪوڙر.

– **بيلدار** ج **بيلدارَ:** ذ. ڪوڙر بردار. واهن ۽ رستن جي ٽوري گهٽي مرمت ۽ سنڀال ڪندڙ ملازم.

• **بيل:** ذ. [انگ. bell] گهنڊ' [انگ. ball] ضامن.

• **بَيلَ** ج **بَيلَ:** ذ. [سن. بَلِيوَرْدَ: پرا. بئلا] ڍڳو ـ ڏاند. (صفت) طاقتور. بيوقوف. گهڻ ڪائڪ.

– **بَيل گاڏي، بيل گاڏي:** ث. ڍڳي گاڏي ـ ڏاند گاڏي.

• **بيلَ (ث):** ث. پت ۾ ٿهيل جارو (جنهن ۾ سُونهن لاءِ ٽانُو رکجن).

• **بيلاڪ** ج **بيلاڪ (ت):** ذ. [انگ. block] زمين جي ايراضيءَ جو هڪ حصو (١٦ ايڪڙ) ـ بلاڪ. بيلي جو اُهو پاڳو جنهن ۾ مال چارڻ جي منع هجي.

– **بيلاڪ پيلاڪ:** زڪ وارو بيلو زيان ڪرائڻ. سخت نقصان ڪرائڻ.

• **بيلْجيَم:** اسم خاص. [انگ. belguim] يورپ جي اتر اولهه طرف هڪ ننڍو ملڪ.

• **بيلجو** ج **بيلجا:** ذ. [ف. بيلجه] لوهه پاهوڙو ـ هڪ خاص قسم جي ڪوڙر.

• **بيلدارَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بَيلَفَ** ج **بَيلَفَ:** ذ. [انگ. bailiff] سول ڪورٽ جو ملازم جيڪو ڏرين کي ڪورٽ جي سڏ کان آگاهه ڪري ۽ ڊڪري وغيره تعميل ڪري.

• **بيمر:** ذ. [ف] خوف ـ ڊپ ـ ڊاڄ.

-- **بيماڪ:** ذ. صفت. ڏجندڙ. ڏيجاريندڙ ـ پوائتو ـ خوفناڪ

• **بِيمارُ ج بِيمارَ:** ذ. صفت. [ف. بيمر = خوف + آر = وارو]. مريض ـ آڳهو.

• **بِيمار پُرسي:** ث. بيمار جي طبيعت جي پڇا ڳاڇا ـ عيادت.

-- **بِيمارخانو ج بِيمارخانا:** ذ. بيمارن جي رهڻ ۽ علاج ٽيڻ جي جاءِ ـ اسپتال.

-- **بِيماري ج بِيماريون:** ث. آڳهائي ـ ناجاڪائي. مرض.

-- **بِيماري ڪانڊ:** مريض ٿي رهڻ. ڏکيو ۽ تڪليف واري بيماريءَ کان پوءِ جاڳ ٽيڻ. ضعيف ٽيڻ.

• **بِيمات:** ث. [هـ. سن. ومانا] نڱي ماڻ "بيماتي ياءِ = نڱجو پاءِ".

• **بيمگو (ث):** ظرف. سوير.

• **بِيمُونْ ج بِيمُونْ (ث):** ث. ريامڻ کي ويڙهي.

• **بَينْ:** ذ. [هـ] پاڙ ڪڍي (لاش تي) روئڻ جي حالت ـ ماتم.

• **بَينْ:** ظرف. [ع] وچ ۾.

-- **بَين الأقْوامي:** صفت. قومن جي وچ ۾. أنٽرنيشنل.

-- **بَين بَين:** ظرف. وچٿون وچ. درميانو ـ وچولو.

• **بَينْ:** ذ. [ع] فاصلو ـ فرق.

• **بَينْ:** صفت. [ع] صاف ـ جٽو.

• **بِينْ ج بِينُونْ:** ث. [سن. ويڻا] ساز جو هڪ قسم (جنهن جي ٻنهي پاسن کان ۽ وچ ۾ ست تارون وڄائڻ لاءِ ٽيندڙيون آهن: هندن جي عقيدي موجب اهو ساز پهريائين 'نارد مني' جوڙيو هو). طوطو (جمڙي جي ڳوٽريءَ ۽ توتارين مان ٺهيل ساز. جنهن ۾ هوا ڦوڪي وڄائبو آهي ـ bag_pipe). بنسري. مُرلي.

• **بِين:** ذ. نڪ ـ بيني "پسي سسيهر سسيي بدر نمائي بين" (جلال ڪتي).

• **بِينا ج بِينا:** ذ. صفت. [ف] ڏسندڙ ـ پسندڙ. پروڙيندڙ ـ پرڇهندڙ.

-- **بِيناڻي:** ث. اکين سان ڏسڻ جي حالت. بصار. نظر ـ ديد.

-- **بِينا ڪرڻ:** اکين کي روشن ڪرڻ. روشني بخشڻ. اندر جا طاق کولڻ.

• **بيناصدار:** صفت. جهن جي نالي 'بينامي' سودو ٽيل هجي.

• **بينامي:** ذ. [ف] اهو سودو جو پنهنجي نالي ڇاڻائڻ بدران ٻئي جي نالي ڪجي. پر اُن جو فائدو پاڻ ڪائجي. گمنامي ـ اَڻ مشهوري.

• **بِين باجو ج بِين باجا:** ذ. [سن. ويڻا + وادَيَ] هڪ قسم جو ساز. طوطو ساز (bage_pipe). هارمونيم.

-- **بِين باجا وڄڻ:** شادمانا ٽيڻ ـ خوشيون ٽيڻ.

• **بِينْبِي ج بِينْبِيُونْ (ڪ):** ث. ماڻهن جي پيڙ ـ گهٽو ميڙ. معاملو ـ جهيڙو.

• **بِينْجهَ ج بِينْجهَ (ث):** ٽنگ ـ سوراخ ـ ڳڙڪ.

• **بَينْچ ج بَينْچَ:** ذ. ڏسو "بَينْچ".

• **بَينْچ، بينچ ج بَينْچُونْ:** ث. [انگ. bench] اسڪولن ۾ شاگردن جي ويهڻ لاءِ پاڻ سان هڪ خاص قسم جو تختو ـ بانڪ ـ بانڪڙو. آفيس. اسٽيشن. باغ. تفريح گاهه وغيره جاين تي آرام لاءِ (ڪاٺ. لوهه. سيمنٽ وغيره مان ٺهيل) ويهڻ. ججن جو مقرر گروهه.

• **بَينچ ماجسٽريٽ:** ذ. [bench magistrate] اهو جج جو ٻين ججن سان گڏ فيصلا هلائي.

• **بَينْڈ ج بَينْڈُونْ:** ث. [انگ. band] انگريزي واجو. ولايتي سازَ. ولايتي سازن تي ڳائڻ وارن جي ٽولي.

• **بِينْڈي:** ث. [هـ] وارن جي ڳنڍ.

• **بِينِرُ ج بِينِرَ:** ذ. [ف. بِينِي = نڪ] ڪبوتر جو هڪ قسم (جنهن جي چهنب ٽلهي ٽئي).

• **بَينْسر:** ث. [ف. بِينِي = نڪ + سَر = مٿان. طوق. سينگار] نڪ جي زيور جو هڪ قسم ـ نٿ. بُولي جو هڪ قسم.

ـ **بَينْسري بُولو:** ذ. هڪ قسم جو بُولو ـ جهانجهر سان بولو.

• **بَينْسرو:** ذ. [ع. بَيسَرَه: ف. بيسره] باز (پکيءَ) جو هڪ قسم (جو 'باشي' ۽ 'جِپَڪ' جي ميلاپ مان پيدا ٿئي) ـ بِسرو باز ـ گدو باز.

• **بَينْسري ج بَينْسرِيُونْ:** ث. [سن. وَنْشِي] ساز جو هڪ قسم ـ بانسري.

• **بِينِش:** ث. [ف] بينائي ـ نظر. دور انديشي.

• **بَينْڪ ج بَينْڪُونْ:** ث. [انگ. bank] پئسن جي ڏراوت. ڏيتي ليتي.

• **ٻُرتُ ج ٻُرتَ:** ذ. دروازي جو هڪ قسم (جنهن جا طاق بانس وغيره جي پٽين سان ٽهيل هجن) ـ جعفري دروازو. مال جي واڙ ڪي بند ڪرڻ لاءِ، مڙهيل دروازو (ڪ). سادو اُپٽ (جنهن تي جنديءَ جو ڪم ٽيل نه هجي). گاهه جو هڪ قسم (جو سارين جي پوک ۾ ٿئي. وَٽر تي پڻ ٿئي. ڪانو باجهريءَ جهڙو پر سنهون. پڇ ڪارو. چڙهڻ بعد ڪل لهي وڃي باقي اُجو چمڪندڙ پڇ رهي جو ڏڪ طور پڻ ڪائيندا آهن. پڇ جي ڪَل تمام سخت ٿئي). جبل جي گاهه جو هڪ قسم (ول وانگر گول پن ۽ اڇڙا گل ٽينس).
– **ٻُرتائونْ، ٻُرتائُونْ:** ذ. صفت. جعفري ڪم ٽيل (دروازو) ـ پڇراٽون.
– **ٻُرتائونْ دَرُ:** ذ. اهو در جنهن ۾ طاقتن بدران ڪاٺ جون وٽين واريون پٽيون هجن. تاڙين وارو در.
• **ٻُرتُ ج ٻُرتَ (ڪ):** ذ. صفت. ڏوڙ. ٽوروُ.

• **بَرْجَنْ:** فعل مجهول. تپجڻ. (برجو ـ برجيل).
– **برجي پوڻ:** تپجي ٻوڙ. سُورانجڻ.
• **بَرْحال ج بَرْحالَ:** ذ. [ف. بَدْحال] ڏکيو حال ـ خراب حال. ڏک ـ سور. تکليف. نياڳ ـ کمبختي.
• **بَرْڊ ج بَرڊَ (ل):** ذ. وڏو ڦت ـ ڇرپ. ڇُهر.
• **بَرْڊ ج بَرْڙ:** ذ. [سن. بِلّ. وِلَ = برَ. سوراخ.
• **بَرْڙ:** مث [سن. بَڊْ بَڊْ = ڦوڪڻو] داڻ داڻ ـ برَ برَ.
• **بَرْڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٽل. شهدادپور. ٽوشهري. ديري محبت. ڪَڪڙ ۽ شڪاريور تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.
• **بَرْڙاڻ ج بَرْڙاڻ:** ذ. وڏي رڙ. وڏي دانهن. باڪار (ٻڪرين جي).
– **بَرْڙات کرائڻ:** سخت مار ڏيڻي ڏاڍيون دانهون ڪيائڻ.
• **بَرْڙو:** ذ. ڏسو "بَرَهْڙو".
• **بَرْڙو ج بَرْڙا:** ذ. "بَرْڙو" ذات جو هڪ فرد.
• **برڙو ج برڙا:** ذ.صفت. لئي يا ڪپڙي جي ڪائين مان ڪارا ٽاهيندڙ.
• **برڙو بيت:** اسم خاص. جهونا ڳڙهه کان ڏکڻ طرف سمند جي ڪناري لڳ هڪ بيٽ "برڙي بيت ڪندار، وڃي لڳيون لهريون" (شاه عنات).
• **برسڪ (ث):** ذ. صفت. ڪر ڪان نڪائيندڙ ـ گوسڙو. نڪر. آڌ سُڪو آڌ آلو. رُکو.
• **بَرْقَمي ج بَرْقَمِيُونْ:** ث. رياضيءِ جو هڪ اصطلاح. حساب جو هڪ قسم (جنهن ۾ ايڪي جي وات سان فقط ٻن رقمن ذريعي جواب ٽڪري).
• **بَرْڪ:** ذ. ڪهوڙ ـ قرباني.
• **بَرْڪ ج بَرْڪُونْ (ث):** ث. دانهن ـ رڙ. ٻڪريءَ جي ٻيڪ. هڙ جو آواز. اوچتي رڙ.
• **بَرْڪ:** ث. باهه جو ٽٽو ـ ٽپت. سوزش.
• **بَرْڪ:** ث. برڪ ـ ڊهيل آواز.
• **بِرْڪ:** ذ. بِرُ ـ برڙ.
• **بُرْڪ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. فعل "بَرْڪڻ" مان اسم ـ بَرڪو.
• **بَرْڪارَ (ڪ):** ث. وڏو سڏ. زور سان رڙ. وڏو ٻيڪات.
• **بَرْڪائڻ:** مصدر. برڪائڻ. ٽهڪائڻ.
• **بَرْڪُر (ل):** ث. اَڏل پڏل ـ ڇرٻر (ڪنهن ڊنڊ يا ڍڳي ۾ مڇيءَ جي گهٽي انداز جي).
• **بَرْڪِلو ج بَرْڪِلا (ل):** ذ. مڇيءِ جو هڪ قسم (مَڇون ڊگهيون. همينه وات قاتل. اکيون سائيون. اڪثري پيل. شڪاري ۽ سامي فقير کائين. ڏُبن ۾ گهٽو ٽٽي).
• **بَرْڪڻ:** مصدر. [سن. وَرْتَنْ] نثار ڪرڻ ـ قربان ڪرڻ "آمَلَ پرين مٿان. بَرڪيو بين ڏيان" (شاه). رڙيون ڪرڻ ـ باڪارڻ. درد مان ڪاتڻ. برڙ ـ سڙڻ. پيڙ ڪرڻ ـ مڇ ٽپڻ. آڏمڻ (برڪيو ـ برڪندو ـ برڪيل).
– **برڪي ڏيڻ (ت):** مار ڏيڻ. نقصان پهچائڻ. نڪي ڪرڻ.
• **بَرْڪڻ، بُرْڪڻ:** مصدر. [سن. اَوڪْري] ڪنهن شيءِ تي (لوڻ. مصالح وغيره جي) چپٽي پري پکيڙڻ ـ آبورڻ. بُرو ڏيڻ. (بَرڪيو ـ بُرڪندو ـ بُرڪيل).
– **بُرْڪ:** ث. ڪنهن ڪُٽيل شيءِ جي ڇڻ. بُوري جو ٿهه. بُرڪڻ جي دوا ـ سُفوف.
– **بُرْڪائڻ:** مصدر. "بُرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. سفوف وغيره جو بُورو ڏيارڻ.
– **بُرْڪِجَڻ:** مصدر. "بُرڪڻ" مان فعل مجهول. بُورو وغيره ڇٽجڻ. گهٽي انداز ۾ سُرڻ (ڪينسان).
– **بُرْڪو ج بُرْڪا:** ذ. سفوف يا مصالحي بُرڪڻ واري حالت. بُرڪڻ جي دوا ـ سفوف ـ ڇورو ـ بُورو. ڇرڻر (ڪينسٽن. ڪيڙن يا سنهن جيتن جي) ـ سُرڪو.
– **بُرْڪو ڏيڻ (ت):** بُرڪڻ. (اصطلاحاً) رشوت ڏيڻ ـ لالچ ڏيڻ.
• **بَرْڪو ج بَرْڪا (ت):** ذ. ٻڪرين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪري دانهن ڪري اُڇت مري ويندي آهي) ـ بَرْڪي.
• **بِرْڪو ج بِرْڪا:** ذ. گهٽو ڳالهاءِ ـ ٻڪ ٻڪ. ٻڪو ـ ترڪو. ٻڙ ٻڙ. آڏ ماڏ ـ جورا ڪورا ـ لوڇ پوڇ. ٻيتڪو.
• **بَرْڪي ج بَرْڪِيُونْ (ت ث):** ث. ٻڪرين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪري دانهن ڪري اُڇت مري وڃي) ـ بَرڪو.
• **بِرْڪ ج بِرْڪ:** ذ. [سن. بِلّ. وِلَ] بِرَ ـ برڙ ـ ڏُرڙ ـ سوراخ.
• **بِرْڪهَ ج بِرْڪهَ (ل):** ذ. [سن. بِلّ. وِلَ] بِرُ ـ برڙ ـ برڪ.
• **بِرْڪهَلَ ج بِرڪهَلَ:** ذ. [سن. بِلّ. وِلَ] وڏو سوراخ. وڏو ٽنگ. ڪڙڪ.
• **برڪهي:** ث. ٻلا (نانگ) جو هڪ قسم.
• **بَرْنْجهَ ج بَرْنْجهَ (ت):** ذ. ٻڪيءِ جو هڪ قسم.
• **بَرَنْدِڪي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَرَنْدِي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بَرَنْگو ج بَرَنْگا:** ذ. [بَ + رنگ] بن رنگن وارو ـ دو رنگو. ٽورن مڪرن. تجويزن يا انڪلن وارو "چنيسر چؤ رنگ. بَ رنگو لوڪ پير" (شاه). بچاپڙو ـ منافق. پاکنڈي ـ بازيخور. بهروپي.
• **بَرَنْهَ (ل):** ث. اُها زمين جنهن کي ريڍ ڪري پرڪ لاءِ چڏيو وڃي. ٻن ورهين واري (زمين) "بَرَنْهه ٻئي ورهيه به گهوري" (چوٽي).
• **بَرَڙ:** ث. [مصدر "برڙ" مان اسم] باهه ـ آگ. سوزش. تپش.

• **ٻَرڻُ**: مصدر. باھ ۾ سڙڻ ـ جلڻ ـ کامڻ. ڏڪڻ (باھ). پچڻ ـ پچرڻ. ٽپڻ ـ گرم ٿيڻ (بدن). حسد ڪرڻ. روشن ٿيڻ (بتي، وغيره). چمڪڻ ـ سھاڻو ڪرڻ (سج، چند، تارا، وغيره). بکڻ (هيرو). ٻھڪڻ (منھن). (پريو ـ ٻرندو ـ ٻريل).

– **ٻَرَنڈَڙ**: صفت. سڙندڙ ـ جلندڙ ـ دکندڙ.

– **ٻرندڙ جَبَل**: ز. اُھو جبل جو آتشي مادن سبب چوٽيءَ مان دونھان ڪيندو رھي ـ جوالامُکي.

– **ٻَرَنڊي ج ٻَرنڊيُون**: ث. باھ، مصيبت ـ آپدا، مشڪلات، سختي.

– **ٻرندي ۽ باھ مان نڪرڻ**: آيل مصيبت مان بچڻ. آپدا مان نڪرڻ.

– **ٻرندي ۽ کان پاسو ڪرڻ**: مصيبت کان پاسو ڪرڻ.

– **ٻري اُجھڻ**: مصيبت جو اُچي وڪوڙڻ. مصيبت ۾ ڦاسجڻ. ڪنھن الزام يا ڏوھ ۾ ڦاسڻ. ظلم ڪرڻ ٿيڻ.

– **ٻري وڃڻ**: باھ لڳڻ. سڙي وڃڻ. جلي وڃڻ (ڪا ڳالھ ٻڌي ڪاوڙ ۾). تمام مھانگو ٿيڻ (اڳھ).

• **ٻَرڻُ**: مصدر. [سن. وِرْ - وِرْچ] وچڻ ـ جھاڻ ڪرڻ (ڪنھن به واڄي جو) "چوڏاري چڙا، ٻَرن ٻيلاين جا" (شاھ). ٻڌڻ ۾ اچڻ ـ ٻُجھڻ "ٻُري نہ ٻجھر دانھن، ٻُرڻ پٽڪو نہ سُٽيان" (شاھ). ڏاڍيان لاڳيتو ڳالھائڻ (ل). (گھوڙي جو) ھٽڪارڻ (ل). گَرڻ. منھن سامھون ڳالھائڻ (ڪ). ويجارا ڏيڻ. اھلون ڪرڻ (ڪ). ويچا ڪيڻ ـ عيب ڪيڻ (ڪ). ڪلڻ. (ٻَريو ـ ٻَرندو ـ ٻَريل).

• **ٻَرڻو ج ٻَرڻا**: ڏاندي پکيءَ جو ھڪ قسم (ٻئي ڪاري ميٽائين ۽ پيٽ ڪارو، بدڪ جي جنس جھڙو).

• **ٻرو**: ذ. [سن. جْوَرَہ] تَپُ ـ بخار، سُور، تڪليف.

– **ٻروجاڙھڻ**: تپ چاڙھڻ. ڏڪ ڏيڻ ـ نقصان وڃڻ.

– **ٻرو جھڻ**: تپ جڙھڻ. اوچتو نقصان يا ضرر رسڻ.

– **ٻرو ڏيڻ، گھيڻ**: تپ چاڙھڻ. ڏڪ ڏيڻ. وڏو نقصان پھچائڻ. خوب مار ڏيڻ.

– **ٻَرُ (ث)**: ذ. گاھ ۽ ڏٺ جو ھڪ قسم.

• **ٻَرُوُ ج ٻَرا**: ذ. صفت. بي طاقت يا ڪيرن ھٽن وارو (جنھن جون ٻئي ٻانھون يا ھٿ نہ ھجن). بي دست ـ لاچار ـ عاجز. (ث. ٻَري ج ٻَريون). (اسم خاص) برفتن جي قبيلي "ٻَرا" جو ھڪ فرد.

• **ٻرو ٽرِ، ٻرو ٽرُ**: صفت. ۽ به. (سَوَن يا هزارن اڳيان. جيئن "سؤ بروتر" يعني ھڪ سؤ ٻا). به في صدي ـ به سيڪڙو.

• **ٻروتَرُ**: ذ. صفت. ٻِنھو ـ بيٽو ـ ٻِٽو.

• **ٻَرُوٽو ج ٻَرُوٽا**: ذ. سَکي وري سائو ٽيل گاھ. ٻير جو ننڍو وڻ. ڪوبہ ننڍڙو ٻوٽو. ڪا به ننڍي قد واري شيءِ.

• **ٻروڙ ج ٻروڙا**: ث. اُھو اَت جنھن جو پيءُ ڪاڇي جو ۽ ماءُ سنڌڻ هجي. ڏاندي پکيءَ جو ھڪ قسم ـ ھڪ قسم جو بگھ

• **ٻروڙ ج ٻروڙ**: اسم خاص. بلوچ قوم جو ھڪ فرد ـ باروجو. (ث) ٻروڄاڻي ج ٻروڄاڻيون.

– **ٻروڙڪو ج ٻروڙڪا**: ذ. صفت. ٻروج جو ـ ٻروج وارو.

– **ٻروڙڪي ج ٻروڙڪيُون**: ث. ٻروڄن جي ـ ٻروڄن واري. ڏاڍ مڙسي ـ زوراوري.

– **ٻروڙڪي ڪار ڪرڻ**: ڏاڍائي ڏيکارڻ ـ زوراوريءَ جو ڪم ڪرڻ. پورڙائيءَ جو ڪم ڪرڻ.

– **ٻروڙڪيُون ٻولڻ**: ابتيون سبتيون گالھيون ڪرڻ. نہ سمجھڻ جون گالھيون ڪرڻ.

• **ٻروڙ ٻروڙ**: ث. ٻاٻيھي پکيءَ جي ٻولي "ٻاٻيھل ٻروڙ ٻڌي". ڳاڙھي سھٽي ڳيري جي "گھوگھوتو". ڪنن جي پرنڪار.

• **ٻَرُوڙ ٻَرُوڙَ**: ث. [سن. بُدْ بُدْ = قوڪڻو] چمڙيءَ جي مٿان سنھڙين قرڙين يا آرائن جي داڻ داڻ ـ ٻَرڙ.

• **ٻروڙ (لس)**: ذ. گاھ جو ھڪ قسم.

• **ٻَرُوڪو ج ٻَرُوڪا (ل)**: ذ. ڳوٽ جو ڇگو مڙس ـ وڏيرو. مانيءَ مڇيءَ وارو ـ ھوند وارو. ھمت پريو ـ سپرو.

• **ٻَرُوُنْ**: ث. درياھي جانور جو ھڪ قسم (جو ڪاري رنگ جو ڪونھين جھڙو ٿئي. ۽ سندس چربي ٻيڙين جي مک لاءِ دوا طور ڪر اچي). ٻلھن.

• **ٻَرُوٽي**: ث. ٻج پوکڻ ڪان اڳ زمين کي ڏنل ٻيو ريج ـ ٻَرُونھ (ل).

• **ٻروا**: حرف ندا. سڏ جو اَڏ وڌندڙ يا ڪاوڙ پريو جواب ـ ڦوٽ ـ ٻوڏ.

• **ٻرھاوُ ج ٻرھاوا**: ذ. ڏاندي پکيءَ جو ھڪ قسم ـ ٻَرھڙو ـ ٻرڙو.

• **ٻرھاڙي ج ٻرھاڙيُون**: ث. ٻيماريءَ جو ھڪ قسم ـ ٻراڙي ـ ٻلھاڙي.

• **ٻرھال، ٻرھل**: ث. ڦھي وڏي ٻوڙ جو مرض ـ ھيانُجو ـ طھال.

• **ٻرھامَ**: اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ٻرھانگَ ج ٻرھانگَڙُون**: ث. وڏي وڪ ـ ٻرانگھ. ٻسانگ ـ ٻيل. ٻچانگ ـ ٻسانگي ڪاني.

• **ٻرھانگو ج ٻرھانگا**: ذ. ٻن شاخن واري ڪاني. ڏنگھون ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ يا لوھ جو ٻچانگو اوزار ـ ٻياڻو.

• **ٻرھاڻ**: اسم خاص. مسلمانن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **ٻرھاڻي ج ٻرھاڻيُون**: ث. ڏاڻدي پکيءَ جو ھڪ قسم ـ ٻرھڙو.

• **ٻَرھُڙو ج ٻَرھُوا (ث)**: ذ. اُھو اَت جنھن جو پيءُ ڪاڇي جو ۽ ماءُ سنڌڻ هجي. ڏاندي پکيءَ جو ھڪ قسم ـ ھڪ قسم جو بگھ

اجنهن جي پڇ وتان ڪتل نرم ۽ نازڪ ڪپ ولايت وارا تويلن وغيره ۾ سينگار لاءِ ڪم آڻين.

• **بَرْهلي ج بَرْهلي:** ذ. صفت. برهل وارو ـ برهالي.

• **بَرَهي ج بَرَهيُون:** ث. آهو ڪير. جو چوپائي ويامڻ بعد ٻڪي. ٽئي ۽ چوٽين ڏينهن ڏاڍي (جو ڪاڙهڻ سان قيڏر قيڏر ٿي پوندو آهي: پهرئين ڏينهن وارو ڪير "پسُ") "برهيون ٻاٻاٽن جون. پس وڃي پيان".

• **بَرْي ج بَرْيُوْنْ:** ث. [سن. بَس] اَنَ جا ٿُهَ ـ ٻاجهري، يا جوئر جي انَ جون ڪلون. ٻير جي وڻ جا پَن.

– **بَرْي ڳرڻ:** ٻير جي وڻ جون ٽاريون وڍي انهن جا پَن ۽ مال جي چاري لاءِ ڇاڻڻ.

– **بَرْي سوئڻ:** ٻَهر جي بَرْيءَ مان ڪنڌا چونڊڻ.

• **بَرْيا:** اسم. خاص. ٽ ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَرْيتو ج بَرْيتا (ث):** ذ. ٻاهر ٻارڻ جون ڪاٺيون ـ ٻارڻ.

• **بَرْي ٽَري:** ث. هندن جي هڪ رسم (جنهن موجب مُردي کي جلائي ان جي هاڻيءَ يعني رک کي ڌلي ۾ وجهي درياءَ ۾ وجهجي).

• **بَرْيجي:** اسم. خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بريڙي (لس):** ث. گاهه يا ول جو هڪ قسم.

• **بَڑا:** حرف ندا. اوا اڙي! (عورتن جو مردن لاءِ استعمال ڪرڻ جو لفظ.)

• **بڑاپڻ (ت):** بي سُرتائي ـ بيهوشي ـ غشي.

• **بڑانڊ ج بڑانڊ:** ذ. صفت. بڑاندو. (ث) بڑانڊ.

• **بڑانڊو ج بڑانڊا:** ذ. [بـ + ڏندو] بن ڏندن وارو ـ بڏنڈو. بـ سالو. (ث) بڑاندي ج بڑانديون.

• **بڑانگ ج بڑانگون (ڪ ک):** ث. وڏي وڪ. برانگهه. تپ. بـ شاخي ڪائي ـ بـانگ.

• **بڑاني:** اسم. خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بڑڙ ج بڑڙ (ڪ):** ذ. بڑڙ ـ ڍگو.

• **بڑڙ ج بڑڙ:** ذ. [سن. بلِيوَرْدَ] ڍگو ـ ڏاڙ.

• **بـڑڙڪ ج بڑڙڪ:** ذ. لڑ ـ گوڙ ـ گهمسان. ٻائيتال ـ بڑڙول ـ ڏمجر. بکيڑو. اَٽڪاءَ ـ رندڪ ـ ڪاٽجاٽو.

– **بڑڙڪ لاٽ، مچائڻ، وجهڻ:** گوڙ گهمسان ڪرڻ. جهيڑو فساد مچائڻ. ڍڳي وانگر رنبڻ.

• **بڑڪ:** ث. بڑڪ ـ ٽوروَ آواز ـ پٽڪو "سڙيا منجهين مانڻ. ٻاهر بڑڪ نه نڪري" (شاهه). هلڪي ڏانهن ـ ڏهيل رڙ. (ذ) گاهه جو هڪ قسم (ڪ).

– **بڑڪ ڏيڻ:** ٽڙيل پکڙيل جوپائي مال کي (هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ) ٽوري هڪل ڏيڻ.

– **بڑڪ ڪيڻ:** ٽوروئي آواز ڪڍڻ ـ ٽورو ڪُچڻ. پٽڪو ڪيڻ.

• **بڑڪ:** ذ. [سرائڪي] ڍلي يا ڪنهن ننڍي منهن واري ٽاڻ جي ڏڪٽي.

• **بڑڪاٽ ج بڑڪاٽ (ت):** ذ. وڏو آواز. ٽڙڪار. رڙ ـ ڪُوڪ.

• **بڑڪائڻ (ت):** مصدر. ڏاڍو ٻرڙ ـ ڏَٽڻ.

• **بڑڪڻ:** مصدر. ٽهڪڻ ـ جوش ڪائڻ "بڑڪي باهر نڪتي. گاذر منجهان گام" (شاهه). اُڇانگ ڏيڻ ـ چال مارڻ. آواز ڪرڻ. دانهون ڪرڻ ـ واڪا ڪرڻ ـ باڪارڻ ـ پڪارڻ. (بڑڪيو ـ بڑڪندو ـ بڑڪيل).

• **بڑڪڻ:** مصدر. [سن. بُدْبُدْ = بوڑيا ڪڍڻ] ڙ بڑ ڪرڻ. ٻڪر جو ٻڪرين تي وهر وقت آواز ڪرڻ. (بڑڪيو ـ بڑڪندو ـ بڑڪيل).

بڑڪيو ج بڑڪيا (ت): ذ. ٽاڪُنئون. (ث) بڑڪي ج بڑڪيون.

• **بڑڪل، بڑڪهل ج بڑڪهل (ت):** ذ. ٻرڪهل.

• **بڑنڊ، بڑنڊو ج بڑنڊ، بڑنڊا:** ذ. صفت. [بـ + ڏند] عمر جي لحاظ سان ٻن ڏندن وارو جانور ـ بڑانڊ. چئن سالن جو وهڑو.

• **بڑنگ ج بڑنگ:** ذ. سَلو وڃندڙ (ريبو) ـ ڪرو (ل). سنهون سَڪل ـ ٽوٽ (ڪ).

• **بڑنگ ج بڑنگ:** ذ. ٽينگ ـ ٽپو ـ اُڇانگ.

• **بڑنگ ج بڑنگ (ڪ):** ذ. ڪپهه يا اَن ۾ ڍڳهو ريشو يا ڇڪو.

• **بڑو:** ذ. بـ (سؤ تي) ـ بـرتر.

• **بڑو ج بڑا:** ذ. [سن. بـنْدَ = بُونْدَ] ڦڙو ـ ٻوند ـ قطرو. ڏڙ يا ڏوڻري جو ذرو (جو ڪير ۾ جمائڻ لاءِ وجهجي) ـ سُنباڙ. ڪپهه يا اَن جو ڦهو. عطر وڌل ڪپهه جو ٻهو. مترن جي ول جو مُٺ ڪن گاهه. مَندي، يا ڪنهن بـ زيور جي ٽڪ ـ ٽِڪو ـ ٽُنگ "مون تان منهنجا پير. بڑو لاهه مَ باجهه جو" (شاهه). مُهر. نشان داغ (ڪ). ٽَپڪو ـ بڑي.

– **بڑائڻ:** ذ. صفت. ٻرن وارو ـ ٽِڪن وارو ـ نشائون.

– **بڑو ٿي وڃڻ (ڪ):** گهر ٿي وڃڻ.

– **بڑو جهڪڻ، گڏڻ (ت):** ڏاڍ ولوڙڻ.

• **بڑهه (ل):** ث. ڪوري جي مُنهن ڏڪڻ جي گول سِر.

• **بڑهه، بڑهه:** ث. ڇپ ـ سانت ـ مات ـ خاموشي "بول ۾ سي ٻڌا. جنيئن ڪي بڑهه" (گل).

– **بڑها ٻڌ (ت):** ث. صفا مات ـ چپ ڇپات.

– **بڑهه ڳرڻ:** مات ڪرڻ. دٻ هٽڻ. نابري وارڻ.

– **بڑهه هٽڻ:** چپ ماريو. ڇڪ هٽي.

• **بڑهه ج بڑهه (ل):** ذ. لَڪڻ ـ باڻُو ـ سونتو. لٺ جي ڏڪ جو نشان يا

ڏنو ـ ٻڙهو (ل)، ڏياري، جو ٻيو ڏينهن (جنهن تي سري رامچندر ايودڀا جي گادي، تي وينو هو). (صفت) سُڪل ـ ضعيف ـ اپرو (ل).

– **ٻڙهُڪو:** ڏ. مسلسل ڏکن جو آواز.

• **ٻڙهُڪڻُ:** مصدر. ٻڙڪڻ ـ ٿهڪڻ. جلڻ ـ کامڻ. لڇڻ (غم يا درد ۾). رڙ ڪرڻ. (ٻڙهُڪيو ـ ٻڙهُڪندو ـ ٻڙهُڪيل).

– **ٻڙهُڪ:** ٺ. ٿهڪو ـ اوباروـ جوش ـ ٻڙڪو.

– **ٻڙهُڪائڻُ:** مصدر. "ٻڙهڪڻ" مان متعدي بالواسطه. ٿهڪائڻ ـ اوبارڻ.

– **ٻڙهُڪو ج ٻڙهُڪا:** ڏ. ٿهڪو ـ اوباروـ ڦٽڪو ـ لو ـ ٻوڇ. اُٺ جي هلڻ جو آواز.

• **ٻڙهُڻُ:** مصدر. ٻڙهه هڻڻ ـ ڇب هڻڻ ـ لِکڻ.

– **ٻڙهائڻُ:** مصدر. (شڪار جو اصطلاح) ڪيرو ڏيڻي پکيءَ يا جانور کي هڪ هٿ سانتيڪو ويهارڻ ـ دٽ هٽائڻ "تلور کي ٻڙهائي ڏڪ هٽجي".

• **ٻڙهو ج ٻڙها (ل‌ت):** ڏ. اُٺ جو ککن مان ٺهيل پلاؤ.

• **ٻڙهو ج ٻڙها:** ڏ. باز يا پکين جي شڪار جي اصطلاح ۾ لڳهي ڪائي جنهن سان پکيءَ کي چوڪ ڏيئي اتارجي.

• **ٻڙهي ج ٻڙهيُون:** ٺ. اُٺ جي ٻَڌيءَ تي رلي يا ٻيو ڪو ٽيڙ رکي، رسي سان ٻڌي، سوار جي ويهڻ لاءِ ٺهيل جاءِ ـ ٻڙهو. پلاڻ.

• **ٻڙهي ج ٻڙهيُون (ٺ):** ٺ. جويائيءَ جو ويامڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ وارو ڪير ـ ٻَڙهي.

– **ٻڙهيُون ڪائڻ:** ڏکا ٽاپا ڪائڻ. ٻُک مرڻ.

• **ٻڙهيا (ٺ):** اسر خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻڙهيڪو (ٺ):** ڏ. ٻَهڙ ـ ٻَهيڙ (ڪير ۽ لسي گڏيل).

• **ٻڙي ج ٻڙيُون:** حرف ندا. (خاص طرح زالون ڳالهائڻ ۾ يا سڏ وقت ڪم آڻين) ـ لَٽِي اَڙِيا ـ اَدِيا "غفلت يار گنوائيو، ٻڙي جيڏيون" (شاه).

• **ٻڙي ج ٻڙيُون (ت):** ٺ. سخت مار. نقصان. ظلم.

– **ٻڙيون ڪائڻ:** ٻڙهيون ڪائڻ ـ ڏکا ٽاپا جهلڻ. نقصان ۾ پوڻ.

• **ٻڙي ج ٻڙيُون:** ٺ. [سن. بِنْدُ] ٽُڙي ـ ٻُوند. نقطو ـ ٽِپڪو. صفر. داغ ـ نشان. تِلڪ. (صفت) ڪجهه ٻ ڏ.

– **ٻڙي ڏيڻ:** نقطو ڏيڻ ـ ٽپڪو ڏيڻ. ڪجهه به نه ڏيڻ. ڪاتو واري ڇڏڻ. حساب ڪتاب بيباق ڪرڻ. اَلهو تلهو ڪٽي وڃڻ.

• **ٻڙيالَ ج ٻڙيالَ (ت):** ڏ. ٻن شاخن واري ڪاٻي ـ ٻسانگ.

• **ٻُڌ:** ٺ. گهُٽ (زور، ساهه، يا هوا جي) ـ ٻَڌ. سوڙهه ـ مونجهه. زَنْب ـ دَس. لَس. بي زيبائي ـ ٻَڌائي ـ ٻَسائي. سُڄ. ٻيڻگ. جنهن راند ۾ ڪوڏين سٽڻين پوڻ جو داءُ. ڇٽن جي ڪَٽي يا ٻوسو. (ظرف) [سن. بُس] هڪ ٽي گهمري ـ پهرئين ٽي واري ـ يک ساهي.

– **ٻُڌ ٽيڻ:** گهُٽ ٽيڻ ـ ٻَڌ ٽيڻ. سڄ ٽيڻ. هرن ڏيڻ ۾ زمين جو گهٽيءَ ڏسڻ وارو ٽيڻ.

– **ٻُڌ پوڻ:** جنهر راند ۾ سهڻي ڪوڏين جو سٽڻون پوڻ.

• **ٻِسانگُ، ٻِسانگو ج ٻِسانگَ، ٻِسانُگَ:** ڏ. [سن. دْوِ = ٻه + شْرِنگ = سڱ، شاخ. چوٽي] ٻن شاخن واري ڪاٻي. ٻيانو. ٻِڇانگي.

• **ٻِسانگي ج ٻِسانگيُون:** ٺ. ڏسو "ٻِسانگ".

– **ٻِسَت:** ظرف. هڪ طرف کان ٻئي طرف تائين. آرپار. سڌو ئي سڌو. تمام زور سان ـ زوم سان ـ زورائتو. تمام جلد ـ تمام تکڙو. هڪدم ـ يڪدم.

– **ٻِسَت اوپارو:** ڏ. هُرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٻي، جو نالو.

– **ٻِسَت پار لنگهڻ:** آرپار وڃڻ.

– **ٻِسَت حرامي:** ڏ. صفت. ٻنهه شرير ـ نهايت بدمعاش.

• **ٻِسَرُ، ٻِسِرُ:** ڏ. صفت. اهو پار جنهن جا والدين ٻن مختلف قومن جا هجن (جيئن ٻيءَ سڏي ته ماءُ شيدڻ، وغيره) ـ ٻه ٻڌو ـ ٻِسَر گڏو ـ ڪاروَ. حرامي ـ حرامزادو. ٻن مختلف قسمن جي نر ۽ مادي، مان جاول جانور "ٻِسراڻ".

• **ٻِسُڙخو ج ٻِسُڙخا:** ڏ. [ٻه + سن. شْرِنگ = شاخ] ٻن لکڙن وارو تنبو ـ دوڇوبو.

• **ٻِسَرو:** ڏ. ٻن سَرِين يا لَڙهين وارو. ٻه ڏاهو ٻه ٻولبو (ٻن ٻولين مان ٺهيل لفظ). ٻه ذاتيو.

• **ٻِسَرو (ٺ):** ظرف. وري ـ ٻيهر ـ ٻيو دفعو.

• **ٻِسَروتو ج ٻِسَروتا:** ڏ. صفت. ٻِسَرو.

• **ٻَسَري ج ٻَسُرِيُون (ڪ):** ٺ. چلو ـ ٻتڙي اَٽي جي مانيُ.

• **ٻَسُڙي ج ٻَسُڙيُون:** ٺ. رڌ جو هڪ قسم ـ ننڍن ڪنن واري رڌ.

• **ٻَسُڪ، ٻَسُڪڙي (ل):** ٺ. ڀُرج ـ ڪَن ڦُوڪَ. هُوشي ـ پيٽڙي.

• **ٻَسُڪنو ج ٻَسُڪنا (ت):** ڏ. ڏَبِرُ ـ اوسنو. باسي. ڦُلهو. بدشڪل.

• **ٻِسُڪڻُ (ل‌ت):** مصدر. سَڏڪڻ ـ ڏُسڪڻ. روئڻ. (ٻِسڪيو ـ ٻِسڪندو ـ ٻِسڪيل).

• **ٻَسُڪڻُ:** مصدر. ٻَرڻ ـ ڪنان تار ڪرڻ. ڏَڻڻ. (صفت) ڦُلهو. بدشڪل.

• **ٻَسُڪو ج ٻَسُڪا (ڪ):** ڏ. وڊيل ڪنن وارو. ننڍن ڪنن وارو. ٻَسو (بکي). ڦُلهو ـ دونسو. (ٺ) ٻَسُڪي ج ٻَسڪيُون.

• **ٻَسڻُ:** مصدر. رُنبڻ ـ ٻَرڙڻ. اَرهاڻ ـ گهُٽڻ. دسن. دسي جڙهي

ويهڻ پُورڻ. (بسيو ـ بُسندو ـ بَسيل).

• **بِسُوْ:** ذ. [بِـ + سُوْ] ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي تاڃي ۽ پ سُوْ تندو هجن).

• **بُسو ج بُسا:** ذ. ڪنن ڪتيل ـ بتو (بڪر). ننڍن ڪنن وارو. بوڪو ـ بوگهو. بنا ڳهن جي. لسو (بنا چٽن گلن جو ڪپڙو). بي زيبه بي ڊنگي ۽ پوشاڪ ۾ (ڪ). (ث) بُسِي ج بُسيُون.

– **بُسائي ج بُسائِيُوْن:** ث. بتائي. لسائي. بي زيبائي.

• **بُسي ج بُسيُوْن:** ث. ننڍن ڪنن واري (رڍ يا بڪري). بتي ـ بوگهي. ڪپڙي جو هڪ قسم (ڳاڙهو رنگ ڏنل). [ف. بوسه] چمي ـ مٽي.

• **بِشانگ ج بِشانگُون:** ث. ڏسو "بِچانگ".

• **بُشتان:** اسم خاص. تعلقي سامارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِڦ (ڪ):** ذ. خال ـ پورُ. اونداهه.

• **بِڦ بِڦ:** ث. ٻاڦ نڪرڻ جو آواز ـ ڦَڦ ڦَڦ ـ ڦُڦڪو.

• **بِڦُڻ:** مصدر. منهن تائين پرڻ. تار ڪرڻ. ٿهڻ ـ ڏڻڻ. (بِڦيو ـ بِڦيندو ـ بِڦيل).

• **بِڦو ج بِڦا:** ذ. خشڪيءَ جي ڪري متي جي اُڌرِيل ڪل جا ننڍا ننڍا اڇا ذرڙا ـ جانهين. خال. وڏو سوراخ ـ گهيڙ (ڪ). ٽڪر. اڌ. ٻاڦو ـ مٺاهين اڌَ (ت). (صفت) پوڙهو (ت). بيوقوف ـ پُوڪ (ل).

– **بِڦو ڪرڻ:** ڪائي ختم ڪرڻ. ناس ڪرڻ. بيوقوف بنائڻ.

– **بِڦيرو ج بِڦيرا:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جي وارن ۾ بِڦو هجي ـ بِڦُر.

• **بِڦِي ج بِڦِيُون (ت):** ث. مٺاهين اڌَ. ٻاڦي. (ذ) بِڦو ج بِڦا.

• **بِڪ ج بِڪُوْن:** ث. [سن. دُو = ٻه] پتن جي تاس ۾ ٻن داڻن وارو پتو ـ دَڪي.

– **بِڪ ڦِري وڃڻ:** واڙو ٿي وڃڻ. حيران ٿي وڃڻ. عقل چرخ ٿيڻ. اوسان خطا ٿيڻ ـ وائيون بتال ٿيڻ.

• **بُڪ ج بُڪ:** ذ. هٿن جي چيچ وارن پاسن کي ٻاڻ ۾ ملائي جهلڻ جي حالت.

– **بُڪ جهلڻ:** دعا لاءِ هٿ کڻڻ. دعا گهرڻ. فاتحه خواني ڪرڻ. ٻاڻي ٻيڻ لاءِ هٿ ملائڻ.

– **بُڪ ۾ ڏيڻ:** ٻاڻ کان گهٽ سمجهي ڪاڏو وغيره هٿ ۾ ڏيڻ. بي عزتي ڪرڻ. بيمانو ڪرڻ.

– **بُڪ ۾ ٻاڻي پيارڻ:** گهٽ ذات وارو برتاءُ ڪرڻ (اڇوت کي هندو بُڪ ۾ ٻاڻي پيارين). نفرت ڪرڻ.

• **بِڪِهي:** ث. [بِـ + ڪِجو = زير ناف جا ار] ڏاڙهي جا منهن جي فقط ٻن پاسن تي هجي ۽ ڪاڏيءَ تي نه هجي ـ بِڦِبي.

• **بِڪرَ ج بِڪرَ:** ذ. [هير. باڪڙو:سن. وِڪَرَ] وڏو ساٿ. بڪرو ـ ٽيئر (ڪ). ڇيلو (ث) بَڪرِي ج بَڪرِيُون.

– **بِڪر ٻاڪار:** ث. بڪرين جون ڏانهون. رڙڪ رڪ.

– **بِڪر ٻُس، بِڪر ٻُوس، بِڪر ٻُوساڻ:** ث. زوري زبردستي. بڪڙ ٻجاڙ ـ وٺ بڪڙ.

– **بِڪر ٻُوساڻ ڪرڻ:** زبردستي ڪرڻ. ڏس ڦُس ڪرڻ. ڪُڇڻ نه ڏيڻ.

– **بِڪر ڏاڙهي:** محاورو. بيوقوف ـ نادان ـ ڇٽ.

– **بِڪرو ج بِڪرا:** ذ. ننڍو بَڪرُ. ڇيلو "ڪڏهن ڏجي بَڪرو، ڪڏهن ڏجي ڪات".

– **بِڪريو ج بِڪريا (ث):** ذ. بڪرو.

• **بَڪرِ ج بَڪرِيُوْن:** ث. [١. بِـ + ڪَرُ = پاسو. ٢. وڪڙ. ٣. ويڪر] شال يا رڻي جي موڪر. چادر يا رڻي ڍڪڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ زالون اڳيون پلاند ڪلهي تان ورائي ڪڇ ۾ ڪندين آهن) ـ بَڪل.

– **بَڪرِ ڪڍڻ:** شال يا جوڻيءَ کي ڪلهي تان ورائي ڪڇ ۾ ڪرڻ. جهنڊ هڻڻ.

• **بَڪرُ:** ذ. ڏسو "بَڪرَ".

• **بِڪرُالو ج بِڪرُالا (ڪ):** ذ. جوان بَڪرُ. گهٽيون بڪرين (ڪنهن ايراضيءَ ۾ بڪڙيل يا وينل).

• **بِڪرارُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بِڪرارُ ج بِڪرارُ:** ذ. صفت. [بَڪر + وال > وار >آر] بڪرين جا ريندڙ. بڪرين سنڀالينڊڙ. پنهوار. جهنگ جو ماڻهو. بيعقل.

• **بِڪرَان بِڪرَاڻ:** ث. ساڻوڻ جي مند ۾ اُتر اوپر ڪنڊ واري ڪُنڊ (جا اڪثر مينهن آٿي) ـ بِڪراس.

– **بِڪرَار جي ڪُنڊ:** ث. اُتر اوپر واري ڪنڊ (جتان سخت مينهن ايندو آهي).

• **بِڪراس (ل):** ث. بڪرين جو ڪوس (جو عيدالضحيٰ تي ٿئي).

• **بِڪراس:** ث. بِڪرار (ڪُنڊ).

• **بِڪرال:** ث. ساڻوڻ جي مند ۾ اُتر اوپر ڪنڊ واري ڪُنڊ. ول جو هڪ قسم ـ بَڪر ول.

• **بِڪرالَ ج بِڪرالَ (ڪ):** ذ. بِڪرارُ.

• **بِڪروال:** ذ. "بِڪرال" ڪنڊ جو اُتر اوپر ڪنڊ کان آندل مينهن (جو گجگوڙ ۽ ڪنوڻين سان اڃي ۽ گهٽي دير تائين وسي) "ٻه ٻه ڪندا آڻيا. ٻيهر بِڪروال". بڪراس.

• **بِڪرُول:** ث. ول جو هڪ قسم ـ بِڪرال.

• **بِڪڑي، بِڪڑِي ج بِڪڑِيُوْن:** ث. [سن. وِڪَري] ڪير ڏيندڙ گهڙو جويائي، جو هڪ قسم ـ بِڦِي ـ آڦِي (ڪ) ـ چاڙڪي (ث).

– **ٻکريِ ٻَڌڻ**: ڏيڻ ۽ خوف کائڻ ۽ پوءِ ڪرڻ "صدقي جي ٻکريِ ٻڌڻ = ٻين جو ڏوهه يا جوابداريِ پاڻ تي کڻڻ".

– **ٻکريِ کائڻ**: ڪنهن جي ٻکريِ جوريِ ڪريِ ڪُهي کائڻ. ڪنهن جو ڏوهه ڪرڻ ۽ ٻلي مارڻ.

• **ٻَڪُوَ** ج **ٻَڪُوَڙ** (ث): ذ. اهو هنڊ جتي ٻن پٿن جا منهن اڇي پاڻ ۾ ملن. پٿَ جو منهن وارو پاسو. پٿَ جو وَرُ. پٿَ جو ور وارو پاسو.

• **ٻَڪُلَ** ج **ٻَڪَلَ**: ذ. رلي يا چادر پائڻ جو هڪ خاص نمونو ۽ ٻَڪِرِ. عورتن جو سِر واريِ ڪپڙي سان ڪيل جهُنڊ.

• **ٻَڪڻُ**: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻُوٽو (جو اڪثر سيلابي زمين تي پيدا ٿئي. ۽ بلغمي تپ. کنگهه يا سرديءَ جي بيمارين ۾ ڪم اچي). مريڙي جي جنس مان ٻُوٽي جو هڪ قسم (جو رل وانگر پکڙي. پن ٽُلها ٿينس. اُٺ ۽ ٻکريِ جام ڪائيس).

• **ٻڪنو** ج **ٻڪنا**: ذ. ٻن ڪنن وارو. اُهو ماڻهو جو هڪ هنڊان کا ڳالهه ٻڌي ٻئي هنڊ ٻڌائي. ڀُڦلخور. ٻارن ڪي ڏيجارڻ لاءِ هڪ خيالي جانور. لِلاٽو ۽ بائو.

• **ٻڪنيِ** ج **ٻڪنيُون** (س): ث. [ٻ + ڪَنِ = ڪن واري] اَڪ جي وڻ جي تاريءَ جي چوٽي (جنهن ۾ ننڍڙا ڪڇڙا ٻه ٻن ٽينڊا آهن) ۽ ٻيٽَنِ.

• **ٻَڪُڻُ**: مصدر. ٻَڪَ ۾ ڦڪڻ. ڦَڪڻ ۽ ڦڪي کائڻ. وڏا ڦَڪ پَرڻ "وينِ ٻکي ٻاڪ. جهولي جهڪ جهُنِي ڪئي" (شاهه). گهُٽي جهلڻ يا دسڻ ۽ ٻَسَڻُ ۽ پُرڙڻ. (ٻڪيو ۽ ٻڪندو ۽ ٻڪيل).

• **ٻڪو** ج **ٻڪا** (ڪ): ذ. [سن. وَڙڪَ = ٻڪر] ٻڪر جو مخفف ۽ چيلو.

• **ٻڪو** ج **ٻڪا**: ذ. ٻ عدد "هِڪ هِڪَ ٻڪو ٻَ". ٻن انگن وارو پتو ۽ ڏُکيِ لڙ ٻڪَ."

• **ٻُڪو**: ذ. مجيءَ جو هڪ قسم.

• **ٻِڪيِ**: ٿ. ٻن انگن وارو پتو. ڏُکي ۽ ٻِڪَ.

– **ٻِڪيِ** ج **ٻِڪيُونْ**: ٿ. اَنَ جي لَپَ (جا واريِ سان جنڊ ۾ پيهڻ لاءِ وڇيي آهي). شاديءَ جي تياريءَ جو وارُ (جنهن ۾ سَهاڳڻيون جنڊ ۾ واريِ واريِ سان اَنَ جي ٻکي وڇي پيهندڙون آهن). چڙڻ لاءِ ننگهه يا اُڪريءَ ۾ وڏل اَنَ (جو هڪ پيريِ چڙجي). شاديءَ ۾ جانورن جي پهرين چڙَ (ڪ). ٻيَ جي لَپَ (جا ٻنيءَ ۾ ٻج طور چٽجي). گراهڪ (جو اَنَ جي لپ ڪٽي اڇي دڪان تان سودو ونڻي) ۽ خريدار. گراهڪي. هنڊن ۾ شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڏَکي. ڏليءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڏَکي. ڏليءَ مٽان رکي ڪنوار ماءُ مٽي تي ڪٽي. پنهنجي گهر جي در تي اَڇي گهوٽ جي مرحبا ڪندي آهي). ڦَڪي ۽ دوا ۽ سُتي "ڪريان ٽي کارون. جٽن ٻڪيِ ٻٽنون نہ ٽيي" (شاهه). (اصطلاحاً) جو ڪنهن کي درست ڪريِ چڏي ۽ پورو علاج "ڏاڙو فلاڻو جي لاءِ ٻَڪي آهي". ڏِڳن جي (ويڙهه يا غصي وقت) ڪُرن سان اَڏايل مِٽي.

– **ٻَڪيِ (ٻَڪيون) اُهلائڻ**: ڪنهن جانور جو دڙها هٽي ڏوڙ اُٽارڻ. اُڪيون هڻڻ.

– **ٻَڪيِ ٻوڙ**: شاديءَ کان اڳ شاديءَ جي تياريءَ جو وار ادا ڪرڻ (جنهن ۾ سهاڳڻيون زالون واريِ تي جنڊ ۾ ٻَڪي وڇڻ جي رسم پُوريِ ڪندڙيون آهن). شاديءَ جي ڏينهن صبح جو گهوٽيتي يا ڪنواريتي گهر ۾ زالن جو گڏ ٿي ڪجهه ڏيڻ. شروعات ٿيڻ (ت).

– **ٻَڪيِ ٻَڪيِ ڪَرڻ** (ت): صرفو ڪريِ ڪجهه گڏ ڪرڻ. ڪنجوسائي ڪرڻ.

– **ٻَڪيِ ڏيڻ**: دوا ڏيڻ. گراهڪ کي سودو ڏيڻ. فقير کي اَنَ لپ خيرات طور ڏيڻ. ويساهي ڏڪ ڪيڻ.

– **ٻَڪيِ وڇڻ**: شاديءَ جي تياريءَ جو وار ادا ڪرڻ (جنهن ۾ سهاڳڻيون زالون واريِ تي جنڊ ۾ ٻَڪي وڇڻي اَنَ ٻيهندڙون يا ڏرندڙون آهن). شاديءَ جي ڏينهن صبح جو گهوٽيتي يا ڪنواريتي گهر ۾ زالن جو گڏ ٿي ڪجهه ڏيڻ. ٻَڪيءَ جو سوڙ ڪرڻ (شاديءَ کان اڳ زالن جو اَنَ ڏرڻ. يا سجيءَ ڄَڄَ کي پِرُو ڏيڪاريِ وات مِٽو ڪرائڻ). شروعات ڪرڻ (ت).

• **ٻِڪَ** ج **ٻِڪَ**: ذ. [سن. وڪنس - چاتي] ٻنهي ٻانهن سان وڏل پاڪر. ملهه وڙهڻ وقت سندريِ ۾ هٿ وڇڻ واري حالت "ٻيائيءَ کي ٻِڪ. جن وڏو سي ورسيا" (شاهه). وڇڻ ۽ موقعو ۽ وارو "اڄ ته ڪو ٻِڪ ٿي ڪرنہ لڳو". ڪاريِ جي ٻيڙيءَ جي لَٽَ ۽ "ڪُوهي" ۾ پيل رسي جو وَڪَرُ (جو ڪوهي کي "پرماڻ" کان پري ڪريِ جهلي).

– **ٻِڪَ ڏيڻ**: وڇڻ ڏيڻ. هڪ ملهه جو ٻئي ملهه کي سَولو ڪُلهو ڏيڻ.

– **ٻِڪ لڳڻ**: وڇڻ لڳڻ. وارو ملڻ.

– **ٻِڪ وڇڻ**: پاڪر وڇڻ ۽ پاڪر پائڻ. ملهه وڙهڻ مهل سندريِ ۾ هٿ وڇڻ. ڳنڍجي وڃڻ. قابو ڪرڻ ۽ سُڪَ ڪرڻ.

– **ٻِڪَن مان ڪڍڻ**: ملهه جو پنهنجي مخالف ملهه کي ڳهمائي اُڇلي چڏڻ. شڪست فاش ڏيڻ.

– **ٻِڪين ٻوڙ**: پاڪرين پوڙ. هٽين پوڙ. ڳنڍجي وڃڻ. وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ.

• **ٻَڪاوَ** ج **ٻَڪاوَ** (ت): ذ. ٻَڪ. وڇڻ ۽ ٽِڙ موقعو.

– **ٻَڪاوَ ۾ اچڻ**: ورجهڻ. آوَر ۾ اچڻ ۽ قبضي ۾ اچڻ.

• **ٻَڪائڻُ**: مصدر. ملهه لاءِ هٿ ڳنڍائڻ. وڙهائڻ (ٻڪايو ۽ ٻڪائيندو ۽ ٻڪايل).

• **ٻڪجڻ**: مصدر. "ٻڪڻ" مان فعل مجهول. ٻڪين پوڻ. پاڪرين پوڻ. جهيڑي ۾ ڳنڍجي پوڻ. وڑهڻ. (پڪيو ـ پڪبو ـ پڪيل).

• **ٻڪو**: ث. صفت. ٻک ۾ اچڻ جهڙي. وٽندڙ بدن واري ـ سڊول. ناهَوَ آسونهين.

• **ٻڪوڙ ٻڪوڙ (ڪ)**: ذ. ٻڪر ـ ٻڪل.

• **ٻڪوڙ ٻڪوڙ (ل)**: ذ. ٻڪ.

• **ٻڪڻ، ٻڪڻ**: مصدر. ٻک وڌڻ ـ پاڪر وڌڻ. ٻڪن ۾ ڪٽڻ. ٻک وڌڻ. جهلڻ. سوگهو جهڻ. (پڪيو ـ پڪيندو ـ پڪيل).

• **ٻگ، ٻگيڙا**: ذ. ڀُريل ڪپڙي جو ٽڪسر. ڀريل پوتيون زنانيون.

• **ٻگسڻ**: ث. پالي واري ڪائي.

• **ٻگڙو (ٿ)**: ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **ٻگڙو**: اسم خاص. تعلقي ڏڳڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻگسو (ٿ)**: ذ. اُٺ جي نڪ جي مهار قابو ڪرڻ لاءِ مهار جي چيڙي ۾ وڌل ڏاڳو.

• **ٻگلو ج ٻگلا**: ذ. ٻگهه پکي. (صفت) سفيد رنگ جو (گهوڙو).

• **ٻگلي ج ٻگليون (ل)**: ث. صاف سفيد رنگ جي گهوڙي.

• **ٻگو ج ٻگا**: ذ. ٻگهه پکي (جو ٻگو ٿئي).

• **ٻگو ج ٻگا (ٿ)**: ذ. ٻڏندو (اُٺ يا گابو).

• **ٻگائي ج ٻگائيون (ل)**: ث. ڪُتي جي مک ـ ٻگهي.

• **ٻگڻي ج ٻگڻيون**: ث. زهري مک جو هڪ قسم (جا جانورن، جهڙوڪ گهوڙي، گڏهه، ڪتي کي چنبڙندي آهي) ـ ٻگهي.

• **ٻگهه ج ٻگهه**: ذ. [سن. وَكَ] ڏاندي پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ اڇو، ڪڙ جيڏن، ڏگهين ٽنگن سان ٿئي. اڪثر هڪ ٽنگ تي بيهندو آهي. اکيون پوريل هوندين اٿس. جڏهن کا مڇي وغيره ۾ اڇيس تہ اُماڪ ان کي جهلي. ٻن قسمن جو ٿئي: ۱. جهنب اڇي ءِ ٽنگون ڪارين. ڪنب قيمتي ءِ حلال ٿئي. ۲. سڄو سفيد ٿئي ءِ مردار آهي) ـ ٻگهلو. (صفت) پاڪندي ـ رنگ.

• **ٻگهه ج ٻگهه (ل)**: ذ. ڪنهن ڪتل (پکي). چانگيل ـ تارين وڌيل (وڻ).

• **ٻگهه ج ٻگهه**: ذ. جهنگلي پکيءَ جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو ٿئي. وڏو ڏيڪ (ڪ). ڊيڪ (ڪ). (صفت) بيوقوف ـ نادان. سادو سُودو ـ پورڙو. موڳو ـ ڪُند ذهن.

– **ٻگهه ٿيڻ**: اُنڀ جي پوک جو ٽسڙڻ بعد داڻو ماري وڃڻ.

• **ٻگهارو (ٿ)**: ذ. ٻرگهل ـ وڏو سوراخ.

• **ٻگهائي**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻگهڑو (ل)**: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (مريڙي جهڙو ٿئي. اُٺ کائينس).

• **ٻگهلو ج ٻگهلا**: ذ. ٻگهه. (صفت) لڳ ـ مڪار.

– **ٻگهلو پڳٽ ٿيڻ**: مطلب خاطر سادو بنجڻ. ٻهاڻي سان پورڙو ٿيڻ. ويساهي ٺڳي ڪرڻ.

• **ٻگهلو ج ٻگهلا**: ذ. صفت. بيوقوف ـ سادو سُودو. پورڙو ـ مت مورُ هل ـ ٻگهڙ.

• **ٻگهلو ج ٻگهلو**: ذ. ڏسو "ٻگهلو".

• **ٻگهو ج ٻگها**: ذ. [سن. بَكَ، وَكَ] پکيءَ جو هڪ قسم ـ ٻگو ـ ٻگهه.

• **ٻگهڙ**: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻگهڻي ج ٻگهڻيون**: ث. ڏسو "ٻگهي".

• **ٻگهي ج ٻگهيون**: ث. [هـ. بگهي = گهوڙي جي مک] ڪُتي مک ـ ٻگڻي.

• **ٻگهيا**: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻگهيرو، ٻگهيڙو (ل)**: ذ. زناني ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن کي لاڙ ۾ 'ڏونڙسار' ٻڌن).

• **ٻگا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻل**: ث. [سن. بَلِ] قرباني ـ صدقو.

– **ٻل ڀاڙهڻ**: قرباني ڪرڻ ـ صدقو ڪرڻ (هندن ۽ ٻين ڪن مذهبي گروهن جي ڪريا ڪرم موجب ڪنهن ساهواري کي، ڪنهن ديوتا جي ٻت اڳيان ڪُهڻ).

– **ٻلدانَ ج ٻلدانَ**: ذ. [سن. بَلِدانَ] بَلِ ـ قرباني ـ پيتا.

– **ٻلستانَ**: ذ. قرباني ڪرڻ جي جاءِ.

• **ٻلَ ج ٻل**: ذ. [سن. بَلَ] زور ـ طاقت ـ سگهه. ڏڍ ـ آسرو. پٺ ـ پشتي ـ ٽيڪ. ڏڍ (ڪوري لاءِ ڪائين جو) ٻارڻ.

– **ٻلوانَ ج ٻلوان**: ذ. صفت. بَلَ وارو ـ طاقتور ـ سگهارو.

• **ٻلَ**: ث. [سن. دُو = ٻه] اها گڻتي يا چوڻي مادي جا فقط ٻه ٽڻ ڏهائي. ٻلهه ـ ٻٽ ـ جوڙي.

• **ٻلَ ج ٻل**: ذ. آفرين طور مليل ٻلو ـ تمغو. (ظرف) سوگهو ـ مضبوط ـ سَڪ.

– **ٻلَ ڪرڻ**: سوگهو ڪرڻ ـ قابو ڪرڻ ـ سُڪ ڪرڻ.

– **ٻلَ ڪٽڻ**: ملاکڙي ۾ مقرر ٽيل انعام کٽڻ ـ ٽيلَ مارڻ.

• **ٻلَ ج ٻلون**: ث. ڪير لاهڻ لاءِ ڳٽڻ، يا مينهن کي ساز (مخصوص عضوي) ۾ ڏنل ڦوڪ ڪيرڻ ڏهاڻيندڙ چوپائيءَ کي (علاج طور) ساز ۾ ڏنل ڦوڪ ـ ڪَجَ ـ ٽَلَ. سُوتو (ٻيڙيءَ جو). سزا. مار ـ چينب.

– **ٻلَ ڏيڻ ڪرڻ**: ڏڳي، يا مينهن کي ساز ۾ ڦوڪ ڏيڻ. ڪَجَ ـ ٽَلَ

ڏيڻ. دب ڪيڻ. سزا ڏيڻ ـ مار ڏيڻ.

• **بِلاتو ج بِلاتا:** ذ. صفت. هن لائن وارو ـ هن طرفن کان روشني ڏيندڙ. روشن منارو (جو درياءَ يا سمنڊ ۾ جهازن لاءِ روشني ڪري) ـ light_house.

• **بِلاتي ج بِلاتيُون:** ث. ننڍڙو بيت ـ بيتاري ـ بيلائي "ڪارا پاڻڙ. بلاتيون. بيو ڪهڻ جا ڪڙڪا" (حمل).

• **بِلائي ج بِلائيُون:** ث. محنت. تڪليف. پورهيو.

• **بِلاڙ ج بِلاڙُون:** ث. پٽڪار. ماٺهن جو آواز ـ گوڙ ـ گهمسان. بُلڪار.

– **بِلاڙو ج بِلاڙا:** ذ. بِلاڙ. بُلڪار.

• **بِلاڙي ج بِلاڙيُون:** ث. هن لائن واري ڇڙي "عمر. بِلاڙي. آهي جهاڻ ملي سا جهنگ جي".

• **بِلاڙو:** ذ. بِلو. جهنگلي بلو.

• **بِلاڙي ج بِلاڙيُون:** ث. [سن. بِدالَ] وڏي جهنگ بِلي. ٻلي جي وڏي قڙڙي. بِراڙي ـ بِلهاڙي.

• **بِلال:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِلانڪڙي** (ڪمل): ث. پرت جو هڪ قسم.

• **بِلانگو ج بِلانگا:** ذ. هن لانگن وارو. سواريءَ جي جانور تي هڪ تنگ هڪ پاسي ۽ بي تنگ ٻئي پاسي ڪري ويهڻ جو نمونو. لانگ وريل. پير اندر پير باهر.

• **بِلانگهَ ج بِلانگهُون** (ت): ث. برانگهه ـ ورانگهه.

– **بِلانگهَ پِرڻ:** برانگهه پرڻ. وڏي وک وڌڻ.

• **بِلانگهوڙ:** ذ. ڊگها قدم ـ وڏيون وکون.

• **بِلانڻ:** مصدر. ڪنهن ڪيرول مادي جويائيءَ کي ميڙڻ لاءِ بَلَ ڏيارڻ. (بولايو ـ بولائيندو ـ بلايل).

– **بِلانڻي:** ث. بَلَ ڏيارڻ جي مزدوري.

• **بِلبِچ:** ذ. [سن. بَلَ = طاقت + بِيچَ = بچ] دوا طور طاقت ڏيندڙ بچ جو هڪ قسم.

• **بِلٽي ج بِلٽيُون:** ث. ريلوي رستي موڪليل مال چڙائڻ جي رسيد.

• **بِلدَ ج بِلدَ** (ل): ذ. [سن. بَلِيوَرْد] ٻڍ ـ ڍڳو ـ ڏاند.

• **بِلدَ:** ث. مادي سُوئر (بچن سُوڏي) ـ پُونڊِ.

• **بِلر:** ث. [سن. بالا = چوڪري. جوان زال] باروڙي ـ معصوميءَ ـ ابهر. ننڍي جوان زال "بِلر لڳو پاڻ. پسو جو. جَرا ٿي" (شاهه). مادي بچو (ڪنهن جانور جو).

• **بِلَر ج بِلَر:** ذ. [سن. بالَ] ننڍو بار ـ بارڙو. بچو (بلي ۽ جو) ـ پونگڙو. گنلر. بِلڙ. (سوئر جو). ڪنهن به جهنگلي جانور جو بچو (ڪ).

• **بِلوَ ڪَويو ج بِلوَ ڪَويا** (ت): ذ. وڄ ويڙهائو ـ چيٽي پور. چغلخور. بچاپڙو.

– **بِلو ڪَويو ٿيڻ:** جَهل ٿيڻ. بچاپرو ٿيڻ.

• **بِلوڙ ج بِلوڙا:** ذ. ڳُهه جو هڪ قسم. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ والو. [سن. ويدالَ] ننڍو بلو ـ بِلي ۽ جو بچو. (ث) بِلوڙي ج بِلوڙيُون.

• **بِلوڙي ج بِلوڙيُون:** ث. بِلٽي. ننڍي بِلي. هڪ قسم جو اوزار (جنهن سان ڪوهه مان ڪريل شيون ڪڍيون آهن).

• **بِلُڪارَ ج بِلُڪارُون:** ث. زوري ـ زبردستي ـ ڏاڍ. ظلم.

• **بُلڪارَ ج بُلڪارُون:** ث. جهڪ ـ چڙٻ. ڏڪو. پيڪي. گوڙ ـ گهمسان ـ آواز.

• **بِلِڪيُون** (ث): ث. هندڪي هڪ قسم موجب رکيل ايڪاٽو يا آپراس (جو ڪنوارين چوڪريون يا ننڍيون نينيون پرٽيل زالون رکنديون آهن).

• **بِلِڪيڙو ج بِلِڪوا** (ت): ذ. ننڍو سوراخ ـ ٽُڪڙو ـ ڳوڪڙو.

• **بِلُڻ:** مصدر. [سرائڪي] ٻرڻ.

• **بِلُڻ ج بِلُڻُون بِلُڻيُون:** ث. ڏسو "بِلهڻ".

• **بِلُڻ و:** مصدر. ڳٽون يا مينهن کي ڪير لاهڻ لاءِ سار ۾ هٿ يا مُوٽو لنگهائڻ. بَلَ ڏيڻ. (بِلبو ـ بَلبندو ـ بَلبيل).

• **بِلِڻي ج بِلِڻيُون** (ث): ث. ڪير ڏائيندڙ جانور (جهڙوڪ چيلي. گابي يا ڪُنهين) کي ڪير ڏائي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ سندس ٻوٽ تي پڌل ۽ جنهنبدار ڪاڻيون ـ بِلهڻ.

• **بِلو ج بِلا:** ذ. [سن. بِدالَ. و دالَ] مشهور گهَرو پالتو جانور. (ث. بِلي ج بِليُون). ٻنيءَ يا باغ ۾ ڪوبه زيان ڪندڙ پکي. طوطو (هاري طوطن کي جهار هڪليندي چوندو آهي "هو بِلو"). ڏاڙهه مان خاص نمونو جو لهيل نشان (جو آفرين جوڳي ڪم جي عوض ڏنو وڃي) بِلَ ـ تمغو. اڪ جو تارو "ٻنهنءَ پيڪان پڇندا. بِلن تان بيٺي" (شاهه). (صفت) شيرو يا پُورين اکين وارو ـ تيز نظر. ناڪاڻو.

– **بِلو پوڻ** (ت): مصيبت اچڻ ـ تڪليف اچڻ.

• **بِلو تِڻو ج بِلو تِڻا** (ت): ذ. باروتو ـ تنجٽو.

• **بِلُوَنْتَ ج بِلُوَنْتَ:** صفت. [سن. بَلُوَنْتَ = بل وارو] سگهارو ـ بهادر ـ پهلوان.

• **بِلونگڑو ج بِلونگڑا:** ذ. [سن. بِدال. وِدالَ = بِلي ۽ جو] بِلي ۽ جو بچڙو ـ پونگڙو.

• **بِلهَ ج بِلهَ:** ذ. سُوئر ـ مرون.

• **بِلهَ ج بِلهوُنْ:** ث. به ڪَڌ ـ بيلهه ـ بِتَ ـ جَٽ. هڪ جهڙو ـ برابر. هن ٽئن مان ڪير ڏيندڙ چوپائي ـ بِٽَئي. ملهه جو هڪ انگ ـ بِلها

بازي ـ بناباڙي.

– **بلهڙ ڏيڻ:** اونگي هلت ڪرڻ.

– **بلهڙ ڪرڻ:** ملهه ۾ بلهاباڙي ڏيڻ. دسڻ (پٽ ۾).

• **بلهڙ** ج **بلهڙون:** ٿ. ڏسو "بلڙ".

– **بلهڙ ڏيڻ. ڪيڻ:** بلڙ ڏيڻ. دب ڪيڻ. سخت تنبيهه ڪرڻ.

• **بلهاباڙي:** ٿ. ملهه جو هڪ انگ (جنهن ۾ آڏو تنگ ڏيڻي. هٿن جي زور تي مخالف کي ٻنڻن پريا پاسي پر ڪيرائجي).

– **بلهاباڙي هڻڻ:** ملهه جو هڪ داءُ ڪرڻ. انڪل سان قاسائي موقعي جو فائدو وٺڻ. لاچار ڪرڻ.

• **بلهار، بلهاري:** ظرف. [سن. بَلِ = قرباني] گهوري ـ فدا ـ قربان ـ نثار.

– **بلهار بلهاري ٿيڻ:** قربان وڃڻ ـ صدقي ٿيڻ ـ گهول وڃڻ. خوش ٿيڻ ـ بهار بهار ٿيڻ.

• **بلهاري:** اسم خاص. تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بلهاڙو:** ذ. ڏسو "بيلهاڙو".

• **بلهاڙي** ج **بلهاڙيون:** ٿ. ٻني ۽ تي ٿيندڙ خطرناڪ ڦرڙي ـ ٻراڙي ـ بلاڙي.

• **بلهاڙي:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بلهانگو:** ذ. بسانگو ـ بيانو.

• **بلهاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بلهڙ** ج **بلهڙ:** ذ. سُوئر جو بچو ـ ڪُنڊ ـ جوئيو (ت). سُوئر جي آوڙ (جنهن ۾ ٻچا هوندا آهن). ڪُتي. گدڙ. بگهڙ وغيره جو بچو. ڪنهن به جهنگلي جانور جو بچو ـ ٻڙ.

• **بلهڙ** ج **بلهڙ:** ذ. ملهه جو هڪ انگ ـ ٻنهي جنگهن ۾ جانو. ٻن ديوارن وچان سوڙهو رستو (ڪ).

• **بلهڙ:** ظرف. به ڇڪا ڪڍ ـ ٻيئي ڪڍ ڪڍ. جوڙ جوڙو ـ ٻيجڙ ـ ٻيلهڙ. ٻيلهه.

• **بلهڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بلهڙو** ج **بلهڙا** (ل): ذ. گدڙ يا بگهڙ جو بچو ـ بلهڙ.

• **بلهڪار** ج **بلهڪارون:** ٿ. بلڪار. ڏمڪي ـ ترڻ ـ چڙٻ.

• **بلهڪ بلهڪ ڪرڻ** (ت): تمام گهٽو ۽ ڏاڍو روئڻ ـ هنجهون هارڻ. سُڏڪا پرڻ.

• **بلهڪڻ، بلهڪ** (ت): مصدر. ڏاڍو روئڻ.

• **بلهڻ:** ٿ. ڪير پيئندڙ ڦر ڪي ٻوٽ تي ٻڌل ۽ سانگي ڪاڻي (جا هن کي ڪير پيئڻ کان روڪي سگهي). ملهه جو هڪ داءُ ـ ڪان ٻلاتي. ٻن درياهن يا ٻن واهن جي وچ وارو زمين ٽڪر.

– **بلهڻ تي جاڙهڻ:** موقعو ڏسي نقصان رسائڻ. ملهه ۾ هڪان ٻلاتي ڪرڻ.

• **بلهڻ** ج **بلهڻيون:** ٿ. پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو. مينهن جي ڪرنهين جهڙو. مڇي کائي ۽ سندس چربي ٻيڙين جي مڪ لاءِ ڪم اچي) ـ ٻرُون "ٻهون گهمن ٻلهڻيون. ساڻ تنهين سيسر" (حنيف).

• **بلهڻ:** مصدر. بلڙ ڏيڻ ـ بلڙ.

• **بلهيڻي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بلهڻي:** اسم خاص. پني عاقل ۽ ڪنڊڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بلهو** ج **بلهڙا:** ذ. نندين متركو (جنهن جو هڪڙو پاسو گول ٿئي). (صفت) زن مريد ـ مجو (ل). پيٽ وڏو ـ ٻهڙو (ت). بي ڍولو. بدشڪل (ت).

– **بلهي ٻوٽيو** ج **بلهي ٻوٽيا** (ت): ذ. صفت. ٽلهي منهن وارو. بدشڪل.

• **بلهياري:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بلهيد:** ٿ. ولر ـ تولو (جانورن جو). گهل.

• **بلهيڙو:** اسم خاص. تعلقي گنبٽ ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

• **بلي** ج **بلي:** ذ. صفت. [سن. بَلّ = زور] بلوان ـ سگهارو.

• **بلي** ج **بليون:** ٿ. [سن. وِ.ڊال. بِڊالَ] ڪٻا ڪائيندڙ مشهور گهرو جانور ـ گربه ـ ڦوسڻي (ڪ). ناناري (جنهن سان ٻيڙيءَ جو پڪهه بڌندا آهن). لوهه جي چنبن واري ڪڙي (جنهن سان ڪوهه ۾ ڪريل شيون جهڙوڪ باڙدي. ڏول. رسو. وغيره. ڪيڻ). تير جي ڇهنب. ٻراڙي ـ بلهاڙي.

– **بلي ۽ پير:** ذ. نندڙن ٻارن کي ڪتڪتائي ڪرڻ جي هڪ راند.

– **بلي پير نه ڄاڻڻ:** ڪجهه به نه ڄاڻڻ.

– **بلي مارڻ:** وڏو گناهه ڪرڻ ـ وڏو قصور ڪرڻ.

– **بلي منهون:** ذ. بي ڏهڙو ـ بيشرم. منهن رکو.

• **بليار:** اسم خاص. سنڌوندي جي اڀئين وهڪري جي هڪ شاخ (جنهن ۾ ٻيا ڏورا ۽ واهڙ به اچي ڇوڙ ڪندا هئا) "جڏهن ڏاڪڻي ڏور. ٻئي وهن بليار ۾" (شاهه: ڏهر). آها جاءِ جتي به درياءُ يا واهڙ اچي گڏجن ـ دوآبه (دوآبه واري) بلي ۽ زور واري زمين.

• **بلي ڪي:** اسم خاص. ڏاڙهياڙي جسل جي هڪ چوٽيءَ جو نالو (جتي چون ٿا ته منزل ڪندي 'هنڊرسن' نالي هڪ انگريز جي بلي وڃائجي ويئي هئي. جا گهٽي انعام باسڙ بعد هٿ آئي. انهيءَ تان اهو نالو پيس).

• **بلياڻي:** اسم. خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻليدائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻليدو ج ٻليدا:** ذ. [سن. بَلِيوَرْدَ - وِگو] وِگو ـ ڏاند ـ بَيل ـ ٻڙد (ل). انبوهه (ماڻهن جو). وڳ ـ ولر (جانورن جو). وِگ (ملڪيت جو). (صفت) گهٽ ـ زياده ـ جهجهو (ڪ).

• **ٻِماڻ:** ٿ. اُها جاءِ جنهن کي به طبقا هجن. بن ماڙين واري جاءِ.

• **بِه مُنْهون:** ذ. بن مُنهن وارو ـ بِچاپڙو ـ منافق. بن ڪنارين يا ڏارين وارو (ڪپڙو).

• **بِه مُنْهين ج بِه مُنْهيُون:** ٿ. بلا جو هڪ قسم. (عام خيال موجب) بن مُنهن واري بَلا.

• **بِنْ ج بِنْ:** ذ. [سن. وَنَ - وڻڪار] بَن ـ جهنگل ـ ٻيلو. پولو ـ ميدان "ڇن چڏي پوءِ بِن، ٿيءِ پر اڏمَ نجهرو" (شاهه). بَنو ـ نندو بند (جو باري کي پاڻيءَ جي جهَل لاءِ ڏبو آهي). نيرُ (ڏ ڪ جو نشان) ـ وَنُ (ل). بن ـ اوڙاهه "ٻيُون ڏيئي بِنْ کي، هلج پاسي هوت" (شاهه).

— **بِن:** ظرف. بن ۾ ـ اوڙاهه ۾. کوهه ۾. پاسي ـ پري ـ ٻئي پاسي.

— **بِن ٻوڙ:** (بِنڙ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ) ڪنڊ ۾ ٻوڙ ـ اوڙاهه ۾ ٻوڙ. گهر ٿي ناس ٿيڻ.

• **بِن ڏيڻ، وجهڻ:** ڪنڊ ۾ وجهڻ. چڏي ڏيڻ ـ ترڪ ڪرڻ "ٻيُون ڏيئي بِنْ، گهر کي گڏيا ڪاپڙي" (شاهه).

• **بِن:** عددي صفت. "ٻه" جي نحوي صورت.

— **بِن باهين ۾ هُڻڻ:** بن مصيبتن ۾ هڻڻ. به طرفو ڦاسڻ يا تڪليف ۾ اچڻ.

— **بن ٻيڙين تي پير هُڻڻ:** بن خيالن ۾ هڻڻ. به جتو هڻڻ.

— **بِن ٻيڙين ۾ ڇڪڻ:** ساڳئي وقت ٻه ڪم هٿ ۾ ڪڻ. به جوابداريون بنهنجي ذمي ڪرڻ.

• **بِن جيڻ سان:** محاورو. پيٽ سان — حامل.

— **بِن ويڙهائُو:** ذ. بن کي پاڻ ۾ ويڙهائيندڙ ـ لاڙي چاڙي ڪندڙ ـ چيٽاپور.

• **بِنا باڙي:** ٿ. ملهه جو هڪ انگ ـ بِلهاباڙي ـ بَنابهري (ل).

• **بِنابِيڙو (ل):** ٿ. ڪوڏين جي راند ("ماري ڪَنِي" يا "ڪٺ ڪتاڻي") ۾ آمهون سامهون ٻيل بن ڪوڏين کي گڏي ڏڪ هڻڻ جو داءُ.

• **بِناڙو:** ذ. اُهو (وڏو) ڪوهه يا پڙهاڏو جنهن تي به نار چاڙهيا وڃن ـ جُنگ ڪوهه. ٻهڙ.

• **بِناڙو ج بِناڙا:** ذ. ڇت کي ڏنل نندو بَنو ـ بَنوڙو.

• **بِنْبُ ج بِنْبَ (ت):** ذ. ڏاڙ ـ بِناڪ

— **بِنبِ صدق:** بَتَ هڻڻ.

• **بِنْبِڻُ (ل):** ذ. صفت. ٺلهو ـ متارو.

• **بِنْبِيُ:** مصدر. ٽانڊو يا ماڻهُ کي (اَنُ وغيره سان) ڏني پرڻ. گهُجڻ.

• **بِنَبِڙي، بِنَبِڙي:** ٿ. بَدي مهيني جي سُهاڻي پک جي ٻارهين تِٿ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن. ۽ا هو ڏينهن شادي ڪرڻ لاءِ سياڻو ليکيين).

• **بِنْبُ ج بِنْبَ (ل):** ذ. بَنْبو ـ دروازو. لنگهه. چانڊُ. مُنڊ. گَنَ (ت).

• **بِنْها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو. بانهي. همَر.

• **بِنْهو ج بِنْها:** ذ. گهر جو دروازو. ڏيڏي. لنگهه ـ گهَتَ. ڪ.

— **بِنْها ڪري نِڪرڻ:** پاڻيءَ جو نيسر يا ڪسيءَ مان زور سان نڪرڻ ۽ جهرجهر ڪري وهڻ.

— **بِنْهان بَنڙ:** گهر مان لڳڻ. گهر باهه ٿي اچڻ "بَنهان جن بري، ڏونگر سي ڏورينديون" (شاهه).

— **بِنْهو بِئي پاسي ڪرڻ:** اڏاوت ڦيرائي چڏڻ. جوڳي جُٽ ڪرڻ. سخت نقصان رسائڻ.

— **بِنْهو بِنجڻ:** نرينو اولاد ٿيڻ ـ ڏيو روشن ٿيڻ.

— **بِنْهو پُورجڻ:** اولاد نه هڻڻ ڪري ٻيڑهي ختم ٿي وڃڻ ـ در پورجڻ.

— **بِنْهو ونِي بيهڻ:** در جهلي بيهڻ. عرض يا سوال لاءِ ڪپ ڪوڙي بيهڻ.

• **بِنْجارو ج بِنْجارا (ت):** ذ. ڦرلي جو گول ڏڪ.

• **بِنْجَڻُ:** مصدر. ڪنهن ٽانڊ ڪي منهن سوڌو پرڻ. ٻوڙ ڏيڻ ـ بِنْجو ڏيڻ. (بَنجيو ـ بَنجيندو ـ بِنْجيل).

• **بِنْجو ج بِنْجا:** ذ. ٻوڙ ـ ڏنو. بَنْدَ ـ بِنْدو. روڪ ـ بندش.

— **بِنْجو اُڇڻ:** ذ. ٻوڙ اچڻ. بَندو اچڻ. بندش پوڻ ـ بند ٿيڻ.

— **بِنْجو ڏيڻ:** ٻوڙ ڏيڻ. صفا بند ڪرڻ (ناجائز حرڪتن يا ڪمن کي).

• **بِنْجِي ج بِنْجِيُون:** ٿ. ٻوڙ ـ بَجي. ڏَنو. بُونْبَ ـ بُونْبِي (ڪنهه وغيره جي پاڻي جي). ڪاٺ جي چاڪڙيءَ جو گول جنديءَ جڙهيل بُونْبَ (جنهن ۾ پيرجو آڳوٺو ۽ ساڄس لاڳيتي آڱر اٽڪائجي).

• **بِنْدِ:** ٿ. [سن. بِنْدَ] بُونْد. قَطرو ـ قطرو. ذات جو قطرو. پڙي ـ ٽُپڪو.

• **بِنْدَ، بِنْدو ج بِنْدَ، بِنْدا:** ذ. ڪاٺَ جو ٽڪر جو ٽيڪي يا ٽيڪي جي پٽ ۾ ولي طور يا ٻَنِي ٿي ڪم اچي. ٽوٽي ـ ٽنبو. بَندِ. (صفت) ٺلهو. قداور (ت).

• **بِنْدرُو ج بِنْدرا:** ذ. نندڙو بندو يا ٽڪ جڙهيل ڪوڪو. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ گهه "ڪيت پيت گُنڊرا، ٻلي، پاتا بَندرا". بَندو. دَرَ والرُو.

• **بِنْدڙي ج بِنْدڙيُون:** ٿ. نندڙو بَندو ـ بَندڙو.

• **بَنْدِلي:** ث. [هـ. بندي] ڪُهه جو هڪ قسم (جو پيشاني، تي بڌجي). ٽِنجي ـ چنڊي.
• **بَنْڊِي ج بَنْڊِيُون:** (ت): ث. بَنْدوڙي.
• **بِنْدو ج بِنْدا:** ذ. ڏسو "بِنْدُ".
• **بُنْدو ج بُنْدا:** ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڪُهه ـ بندڙو. نيرو، لُنڊ يا لڪڻ جي ٽِڪي لوهه جي ڇهب ـ ڪُندري.
• **بِنْدي ج بِنْدِيُون:** ٿ. [سن. بِنْدَ] ٻڍي ـ ٽِبڪو.
• **بُنْدي ج بُنْدِيُون:** ٿ. هُرلي جو هڪ عضو ـ ٽوٽي (جنهن تي ٿهڙ ببهي) "ثابت بندي سورهي، جيءَ ۾ ڪوڙي جن" (غلام علي لغاري). بندوق جي بن نالين جي وچ ۾ اُپريل ٻڍي (جنن تي نظر ڏري نشان وڌبو آهي) ـ ٽڪ. ڪُندري. بُنْدو ـ بَندڙو (ڪنن جو ڪُهه).
• **بَنْدَ:** اسم خاص. هالاءِ گهوٽڪي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **بَنْدَ ج بَنْدَوُنْ:** ٿ. [سن. بَنْدَ] پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ وڏو مضبوط بند "هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي بندَ اروڙ". وڏي ڪَڙَ بَنْدُ (واهه يا درياءَ جي ڪناري وارو). پُل. رسي ـ نوڙي.
– **بَنْدَ پڇڻ:** بند پڇڻ. پاڻيءَ جو اَٽلي ٻوڏ. ڪنهن به شيءِ جو گهڻي انداز ۾ اچڻ. اٽڪ لهي ٻوڏ. هر هر اچڻ.
• **بَنْدَ ج بَنْدَ:** ذ. [سن. بَنْدَ = بَنْدَ] ٻگل عضوي کي (جوڙڻ لاءِ) بڌل چمڙي. رنگ کي ڀڪو ڪندڙ شيءِ (جهڙوڪ ڦٽڪي، وغيره). ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪ). جويائي مال جي هڪ بيماري (جا ڳَلَ گاهه کائڻ کري ٿئي).
• **بَنْدَاڙ:** ث. ٻيڙيءَ جو اُهو رسو جنهن سان "ڳَنَ" ۽ "ٻت" ٻڌندا آهن).
• **بَنْدَاڻُ ج بَنْدَاڻَ:** ذ. [سن. بَنْدَن] مقرر ٽيل لوازمو. موڪا ـ لاڳ. وظيفو ـ روزينو. وعدو ـ انجام. قول ـ سخن. مضبوط وٽيل رسو. "بندو ڪنهن باندَاڻ. هينئڙو هوتاڻيءَ سين" (شاهه). بَنْدَ جي رسي. ڳَٽ. سرڪڻ ڪاهي لاڳاپو. شرط. هير ـ عادت. قبضي ـ بند. جويائي مال جي هڪ بيماري.
– **بَنْدَاڻِي ج بَنْدَاڻِي:** صفت. بَندَاڻ بڌل. وظيفي دار. ڏن ٻَڌو. مريد. عادتي ـ هيراڪ (نشي جو).
• **بَنْدَا وارو:** اسم خاص. ڪوهستان جي هڪ جبل جو نالو.
• **بَنْدَائڻُ:** مصدر. "بندَڻ" مان متعدي بالواسطه. بَندائڻ. قابو ڪرائڻ. قاسائڻ. (بَنْدَايو ـ بَنْدَائيندو ـ بَنْدَايل).
– **بَنْدَائِي:** ٿ. بَندَڻ واري ڪم جي اُجرت.
• **بَنْدَائِڻُ:** مصدر. بَندائڻ ـ سُڀائڻ. جنائڻ. (بَندَايو ـ بَندَائيندو ـ بَندَايل).
• **بَنْدَرو:** ذ. وڏي، پت کي باهران ٽيڪ ڏيڻ لاءِ گول پت ـ سندرو.
• **بَنْڊَڪ:** صفت. [سن. بَنْڊَڪ] بَنْدَندڙ. قاسائيندڙ. (ڏ) انجام ـ وعدو.
• **بَنْڊَڙي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَنْڊَڻُ:** مصدر. [سن. بَنْڊَن = بَنْدَ] بَنْدَ قابو ڪرڻ ـ سوگهو ڪرڻ. بَندڻ ـ جهلڻ ـ روڪڻ. (بندَيو ـ بَندَندو ـ بَندَل).
• **بَنْڊَڻُ ج بَنْڊَڻَ:** ذ. [سن. بَنْڊَن] مقرر ڪم (جنهن جي ڪرڻ لاءِ ماڻهو بڌل هجي) ـ فرض. ڪو پهه. قاعدو ـ قانون. تنجٽو ـ باروتو. بيوند ـ پيچ ـ گاندايو "پينگهي منجهه پيام. بَنْدَ باروچن جا" (شاهه). بارو وغيره بَنْدَ لاءِ (ڪپڙ. ڪاٺهين. ڏپن وغيره مان ٺهيل ٽلهو رسو ـ نوڙ. چيلهه کي بَنْدَ جو ڪپڙو ـ سندرو ـ ڪمربند "بَنْدَ سوئي بندَ. جو پهجائي پرينءَ کي" (شاهه). لاڳاپو ـ تعلق. پيچ ـ وکر.
– **بَنْڊَڻُ بَنْدَ:** سندرو بَنْدَ ـ ڪمرڪشڻ تيار ٽيڻ. همت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.
– **بَنْڊَڻُ پَوڻ:** قاعدي جون مجبوريون پوڻ. فرض ٽيڻ. ناتو ڳنڍجڻ. لاڳاپو ٽيڻ. عشق لڳڻ. "پهرينءَ ماهه پياس، پرتئون بَنْدَ بروچ سان" (راڄن شاهه).
– **بَنْڊَڻُ ۾ هجڻ:** تنجٽن ۾ هجڻ ـ باروتن ۾ هجڻ. نندي، عمر جو هجڻ.
• **بَنْڊو:** ذ. ڪُهه جو هڪ قسم، "بَنْدَ" ٻيڇا مانگهت سڳيون. جوتي ٺهل ڪار" (هلال ڪتي).
• **بَنْڊُ:** مصدر. بَندَ ـ سڀڻ.
– **بَنْدَ سُنْدَ:** سُڀڻ سمجهڻ ـ جاڻڻ ٻجهڻ.
– **بَنْدي سُنْدي:** ظرف. بڌي سُڌي.
• **بَنْڊو ج بَنْڊا:** ذ. ڪنهن به شيءِ جي بَنْدَ جو ڪپڙو. مانيَ بَنْدَ جو ڪپڙو. مٽي کي بَنْدَ جو ٽڪندو ڪپڙو ـ ڦَصابو. بُنْدُ ـ تنجٽو.
• **بَنْڊِي (لس):** ث. داڻا بندي.
• **بُنْڊِي ج بُنْڊِيُون:** ٿ. [سن. بَنْڊَن] جسم ۾ ٽنٽڻ ۽ گوشت جو مُجو. پنو ـ مُشڪ.
• **بِنْڊِي ج بِنْڊِيُون:** ٿ. [سن. بُنْدَ. وِنْدَ] ٻڍي ـ ٽِڦو ـ ٽِبڪو. قطرو ـ ٽوڙ ـ بوند. ٽِڦو ـ بِنْدِي.
• **بِنْڊِي (لس):** ث. ڪُهه جو هڪ قسم.
• **بُنْڊِي ج بُنْڊِيُون:** ٿ. ڪوهاڙي ۾ پاسي سان ڪٽل ٽوٽي (جا ٿهڙ ۽ پاندي کي ڪٽي ببهي) ـ بَندي.
• **بَنْدِياڻُ:** ذ. [سن. بَنْدَن] مقرر ڪيل لاڳ ـ بَنْدَاڻ. لوازمو. رکب. ڏل. نذرانو ـ پيٽا. وساهه ـ يقين.

• **بَنْدِيجَ**: ذ. [سن. بَنْدَ = بَنْدْ] جهلڻ ـ روڪ ـ بندش. انڪاءِ. ("اُنوال" جو ضد). مقرر اڳه (ڪ).
• **بَنْدِيُونْ**: مث. جمع ۾ استعمال ٿيندڙ. تنجڻ ـ ٻاروتا.
• **بَنْدُ** ج **بَنْدَ** (ل): ذ. وڏو لڄ.
• **بَنْدَ، بِنْدَ** ج **بِنْدُونْ**: مث (عورت جي) ٻَبيءَ جي چوتي. بَنْدي ـ ڏَنڊي. پلال جو اڏ گڏو (ث).
• **بَنْدُ** ج **بَنْڊُونْ**: مث [سن. بِنْدَ، وِنْدَ] ٻڙي ـ نقطو ـ ٽِڪو. بَوَنْدَ ـ بَنْدي. بَنْدو ـ انڪاءِ (ل). ٻڪرين سان گڏ چرندڙ ٻڪر کي ٻوڪڻ (لڳ) کان روڪڻ لاءِ مخصوص عضوي کي ڏاڳي جو ڏنل بَنْدَ.
– **بَنْدَ ڏيڻ**: ٻڙي ڏيڻ. رقم وارڻ. ترڪي چڏڻ. وصوليءَ جو آسرو ٻڌڻ.
– **بَندا** ج **بَنْدَرَ**: ذ. بَنْدَرُ.
• **بَنْدَرُ** ج **بَنْدَرَ**: ذ. [سن. نِتَنْبَه] مقعد جي پاسي وارو گوشت جو ڳنڍيو ـ چَقَرُ ـ بَنْدرُ.
• **بَنْڊَ**: مصدر. [سن. بَنْدَ: ف بند] بَنْڊو ڏيڻ. بند ڪرڻ. بُوچ ڏيڻ. ڪير ٻيهڻ کان روڪڻ لاءِ ٻڪريءَ جو ٻوٽ بند ڪرڻ (ڪ).
– **بَنڊو** ج **بَنڊا** (ل): ذ. بند ـ ڳنڍو (پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ). بَنْڊو.
– **بَنڊو ڏيڻ**: ذ. پاڻي بند ڪرڻ ـ ڳنڍيو ڏيڻ. آڏ ڏيڻ. روڪڻ.
– **بَنڊو لوڙهڻ**: پاڻيءَ جو ڳنڍيو ڀڃڻ. پوک ڏانهن پاڻي چوڙڻ.
• **بِنْڊو** ج **بِنْڊا**: ذ. پاڪڙي کان سواءِ اُٺ تي چڙهيءَ لاءِ بَنْڊاڻ ـ اِنْڊو. گڏهه جو هَني.
• **بَنْڊي** ج **بَنْڊيُون** (ل): مث. ڪلهائين صدري.
• **بِنْڊي**: اسر خاص. گهوٽڪي. لاڙڪاڻي ۽ ڳنبٽ تعلقن ۾ ڏيهه جو نالو.
• **بِنْڊِي** ج **بِنْڊِيُون**: مث. [سن. بِنْدَ، وِنْدَ: ف. بند] ٻڙي ـ ٽِڪو. ٻُبي جي بُونڊ ـ بِنْدَ. داغ ـ ڀُنو. درياءَ جو چڌيل زمين ٽڪر ـ ٻيٽاري. گڏهه يا ڏاند جو آٽر. ڏِڳي جي ڪُلهي تي يا گڏهه جي پَٺيءَ تي ڪپڙي جو رکيل ٽهَ. ڪڪڻ يا ڪپڙي جو ٺهيل ويڑهو ـ پيڙهو. ڪنهن وڏي ٽانوَ يا هَنَ مان پاڻي ڪڍڻ جي چَل يا ڪُنجي. ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪڍڻ جو ٽانڊ ـ ٻيار ـ بِنْڊو.
• **بَنْگَ** ج **بَنْگ**: ذ. [سن. وَگْگَ] وَنْگَ ـ واهڙ (درياءَ جو) درياءَ جو وَرُ. گهيرُ. گهُمَ. "گهيڙي گهڙو هٽ ڪري. ٻهُون نهاري بَنگ" (شاهه). ونگ ـ ور ـ گولائي (ڪمان جي) "سرجو سجيو سڄڻين. بنگان پري ٻاڻ" (شاهه). (اصطلاحاً) ڪاڻ ـ تير "برهه ڪيو ٻيران ٻُت. دل کي لڳو ڪو ٻاڻ بَنگ" (گل). ٻڪ ـ ٻاڪر "بيجل سندو بنگ. خالق خالي مَ ڪرين" (شاهه). داڻ وجهه ـ موتمو "جاڙڻ چنگ بنگ لهي. وڄايو وڏاڻ" (شاهه).

– **بَنگ لڳڻ**: ٻڪ لڳڻ. وجهه ملڻ.
– **بَنگ لهڻ**: پيچ ۾ آڻڻ. ڪمان جا گوشا موڙي نشان جي جاءِ جڙائڻ. وجهه وٺڻ.
– **بَنگ وجهڻ**: پاڪر وجهڻ. قابو جهلڻ. جانڻو هٽڻ.
– **بَنگ هٽڻ**: ٻڪ هٽڻ. قابو جهلڻ. جانڻو هٽڻ.
• **بَنْگَ**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بَنْگَ (ت)**: مث مارَ. هيس. دٻاءُ ـ زور.
– **بَنْگَ ڏيڻ**: مار ڏيڻ ـ سخت سزا ڏيڻ. زور رکڻ ـ دٻاءُ رکڻ. هيسائڻ. سخت نقصان رسائڻ.
• **بَنْگَ** ج **بَنْگَ**: ذ. ڪجو گونڄ. ڪجو گنل. ڪجو سنگ. ڪپهه جي ڦٽي (جا اڃا وڻ ۾ بيهل هجي). ٻُور. سنگ (ڪ). صفا اڇو پاڻي ـ آئريل پاڻي.
– **بَنْگَ لڳڻ**: سارين يا ٻيءَ پوک جا سنگ لڳڻ.
• **بَنْگارَ**: اسر خاص. تعلقي ٽنڈي باگي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. سومرن جي دور ۾ هڪ تاريخي شهر جو نالو ("ڏودي ـ چنيسر" جي قصي ۾ جاڏايل ته "بارهن راج بنگار ۾").
• **بَنْگارَ** ج **بَنْگارُون**: مث. ڏسو "بنگاري".
• **بَنْگاري** ج **بَنْگارِيُون**: مث. [سن. ۱. وَگْگَ = شيهن. قلعي. ۲. وَنْگار = هڙتال. زوني. آٽرش. بَن = تامو] ڏاتُوءَ جو هڪ قسم جنهن مان ٽانوَ ٺهن. ڪنجهي مان ٺهيل ٽالهي.
• **بَنْگڑي** ج **بَنْگڑِيُون** (ت): مث. [هـ. بَنْگري] شيشي جي چوڙي.
• **بَنْگڻ** (ل): مصدر. ڏنڻ. پَرڻ. تار ڪرڻ. (بنگيو ـ بنگيندو ـ بنگيل).
• **بَنْگهَ** ج **بَنْگهَ** (ت): ذ. وجهه ـ موتمو. بنڌڻ. ڏسو "بنگ".
• **بَنْگهڙو** ج **بَنْگهڙا**: ذ. [سن. ونڪ > بَنگ > بنگهڙو] لوتي. دڪيءَ وغيره ٽانوَ ڪي سهولت سان ڪٽڻ لاءِ ٽانوَ جي مُنهن مٿان بدل نوڙي (مُنهن جي مٿان گول وريل ۽ هيٺ ٽانوَ جي ڳڇيءَ ۾ بدل).
• **بَنو** ج **بَنا**: ذ. زمين جي ٻاري کي ڏنل نندڙو بنڊ ـ نندي ڪڙ "بڏيءَ کي بنا. ڪوهه سنباهين سسئيا" (شاهه). ڪنڊ جي ڪنار. بنوڙو. سَنڊو ـ حد. ڪنارو ـ ڏَني. ڪَني. وڏو. درَهه نيل ـ ڏَنو (ت). مٽيءَ جي نندڙي پٽ. تلوار جو هڪ قسم (جنهن جي پٺ يعني اڌ رويندڙ پاسو موڪرو هجي). جهلڻ ـ آڏ ـ بچاءُ "ڏَنو بَنو آهي" (پهاڪو). ڪوهستان ۾ ڪاڇي جي بَني (جا مينهن جي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ بنا بڌي ناهي ويئي هجي).
– **بنا آڪاڻ**: به ڪ لهڻ تي هارين کان بدل لوازمو وصول ڪرڻ. هارين

کان سنگن جي خيرات وڻڻ. نذرانو اڇاڙڻ ـ ڏن وڻڻ ـ ٻڌاڻ وڻڻ.
– **ٻنا ٻڌڻ:** ننڍا بند تيار ڪرڻ. ٻنا ٺاهڻ. ٻنا ڏيڻ. ٻنا ڪيڻ. ناتو ڳنڍيڻ. خوشامد ڪرڻ. حيلا هلاڻ.
– **ٻنا ٻوڙ:** ظرف. تمام گهٽو (پاڻي). تمام گهٽو (مينهن).
– **ٻنا ٺاهڻ:** ٻنا ٻڌڻ.
– **ٻنا ٿيڻ:** ٻنن کي ڪوڙ سان ڏکي مضبوط ۽ سڌو ڪرڻ.
– **ٻنا ٻڌڻ:** لاباري وقت هاريءَ کان سنگ پڻڻ. خيرات وڻڻ. نذرانو وڻڻ.
– **ٻنا ڏيڻ:** ٻنا ٻڌڻ.
– **ٻنا ڏيئي وڃڻ:** پاڻيءَ جو لهڻ وقت بند تي ڪرون ڏيئي وڃڻ. پاڻيءَ جو لهي وڃڻ "درياهه ٻنا ڏيئي ويو آهي". ڪٽي وڃڻ.
– **ٻنا ڍڪڻ:** پوک جي شڻ جو وڏي ٻنن کي ڍڪي ڇڏڻ.
– **ٻنا ڳڏڻ:** ٻج ڇٽي هر ڏينهن بعد ڏاندار سان ٻنا ٺاهڻ. ٻنا ٻڌڻ.
– **ٻنا وڻڻ:** لاباري جي ڏينهن ۾ ڪزمين کان (پوک جي) خيرات وڻڻ. نذرانو وڻڻ. ٻاهريان پاسا وڻڻ ـ نڪائڻ.
– **ٻنا هڻڻ:** حد هڻڻ ـ اِنتها هڻڻ "فلاڻي کي ته شرافت جا ٻنا آهن".
– **ٻنو ٻڌڻ:** بندوبست ڪرڻ. نمونو هلڻ.
– **ٻنو وڃي ٻاري ۾ پوڻ:** هڪ ڪم مان ٻئي ڪم ۾ فائدو ٿيڻ. هڪ عزيز جي ڪوشش جو ٻئي عزيز کي فائدو پهچڻ. ٻنا تڪليف جي فائدو پهچڻ يا ڳ وڻڻ.
– **ٻنو جهلڻ:** سڃيءَ ٻنيءَ جا هر ڪاهي. ٻنا ڪڍي ڪم پورو ڪرڻ. ٻنيءَ جا هٿ ڪاهي بس ڪرڻ. دنگ ڪرڻ ـ سهڻي ۾ سهڻو ڪم ڪري ڇڏڻ.
– **ٻنو جهلي ڇڏڻ:** ڪنهن ڪم کي ٻين سيني کان اڳ ۾ ۽ سُهڻي نموني ۾ پورو ڪرڻ. دنگ ڪري ڇڏڻ ـ وهه واهه ڪري ڇڏڻ.
– **ٻنو ڏيڻ:** ننڍڙو بند ڏيڻ. آئنده لاءِ بند ڪرڻ.
– **ٻنو ڏيئي ڇڏڻ:** ٻنو وراڻڻ. دنگ ڪري ڇڏڻ. ناتو توڙڻ. تعلقات ڇنڻ.
– **ٻنو ڏيئي وڃڻ:** ختم ٿي وڃڻ ـ ڪٻي وڃڻ. ڪٽي وڃڻ.
– **ٻنوڙو ج ٻنوڙا:** ذ. ننڍڙو ٻنو. سَنڊو ـ نشان.
– **ٻنو وارڻ:** وراڻڻ. ٻنو ڏيئي ڇڏڻ. دنگ ڪرڻ.
– **ٻنو واري وڃڻ:** ٻنيءَ جو آسرو لاهي هليو وڃڻ. آسرو لاهي هليو وڃڻ. آسرو ٻلي وڃڻ "ٻاروجل ٻنو. واري ويو وندر تي" (سانوڻ).
– **ٻني تي ٻار هڻڻ:** ڪم ڪه ٻهه ٿيڻ. ڪنهن کي تڪليف ٻنا آتي جو آتي فائدو پهچائڻ.
– **ٻني تي ويهارڻ:** سَڪ تي ويهارڻ ـ سزا ڏيڻ. سُجو ڪرڻ.
– **ٻني لڳڻ:** ٻيڙيءَ جو ڪناري پيڙو ٿيڻ. مراد کي پهچڻ. منزل تي پهچڻ. مراد پوري ٿيڻ.

• **ٻنهاڻ ٻاهرين:** ث. ملهه جو هڪ ڏاڻ ـ ٻلها ٻاڙي.
• **ٻنهنيار (ث):** اسم خاص. مينگهوارن جي هڪ ذات جو نالو.
• **ٻنهي، ٻنهين:** صفت. متعدي فعل ۾ "ٻڌ" جي فاعل واري صورت "ٻنهي ڏنو. ٻنهي کاڌو وغيره". ٻڌ جي شامل عمل واري حالت "ٻنهي ڪليو. ٻنهي کي، وغيره" ـ هردو (ف) "ٻيلي ٻنهين ڪنڈئين، محب مينهون تو جاري" (شاهه).
• **ٻنهي ج ٻنهيُون:** ث. ڏسو "ٻنهي".
• **ٻنُهي ج ٻنُهيُون (ت):** ث. سُٽڻ جو سوڙهو بانجو. سُٽڻ جي بانُجي جي اندرين پٽي.
• **ٻني:** اسم خاص. ٽر ۾ هڪ ٻيٽ جو نالو. ڪڇ ۾ هڪ خاص اراضيءَ جو نالو "ڏاڏي آدم جي ٻني".
• **ٻني ج ٻنيُون:** ث. [سن. ١. وَنِي = ننڍو ٻيلو؛ ٢. پُومَ = زمين] پوکيل زمين ـ کيٽي ـ کيت ـ پوکي راهي (ت). هر ڪاهيندي ٻن اوڙن جي وچ ۾ رهيل زمين. بريٽ ۽ پاٽمرادو ڦٽل وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا (ڪچ).
– **ٻني پار ج ٻنيون پارا:** ذ. پوک راهه ـ پوکي راهي (ت). کيٽ ـ کيتي. آبادي ڪرڻ لاءِ زمين جو ڪو ٽڪرو.
– **ٻني ٻولڻ:** زمين کي گهرج کان وڌيڪ پاڻي ڏيڻ. نقصان ڏيڻ.
– **ٻنيَرُ ج ٻنيَرَ:** ذ. صفت. ٻنيءَ وارو. ٻني ڪندڙ ـ ڪزمي ـ هاري.
– **ٻني سائي ڪرڻ:** رونبو ختم ڪرڻ.
– **ٻني ڪرڻ (ت):** زمين جو ٽڪر آباد ڪرڻ. هر ڪاهيندي زمين جو ڪجهه حصو ٻنا هر جي رهائي وڃڻ.
– **ٻنيءَ ۾ برڪت پوڻ:** رزق ۾ واڌارو ٿيڻ.
• **ٻنِي ج ٻنِيُون:** ث. بارگير وهٽ جي ٻُنيءَ تي ٻني مثل ڍگهويا ٻٽو رکيل پيڙهو (ڳوڻ جي ڳوٽريءَ ۾ ڪک ۽ ٻوسو پري ناهيل. يا پراٽي ڪپڙي ۽ ليڑن وغيره مان ناهيل. جو گڏه يا گهوڙي جي ٻُنيءَ تي رکجي ته بار لڏڻ سببان ٻُنيءَ ني کو زخم نه ٿئي).
• **ٻڱَ ج ٻڱَ (ل):** ذ. [هـ. بَرْجا، بَرْجِي] بُڇَ. پالو. وڏو ڪندو ـ سيلهه.
• **ٻڱُ (ت):** ث. ڪڪ جي پوک جو هڪ مرض (جنهن سببان سنگن ۾ دانا ڪارا ٿي وڃن) ـ ڏَڪ.
• **ٻڱَ ج ٻڱَ:** ذ. صفت. [سن. پَنْگَ = سُڄ. نااميدي] پينگير ـ سُجو. غريب ـ مسڪين. پينو ـ گداگر ـ ٻڱينگ. سنهڙو ـ ڏبرو ـ اُپرو.

• **ٻڌڻ ۾ ٻڌڻون:** ث. [سن. وِلَنْگھَ = پرانگھ، ٽپو] پرانگھ ـ ٽينگ ـ ٽپو ـ چال ـ اُچانگ، ڏک ـ ڏوڙ.

• **ٻڌڻ، ۾ ٻڌڻ:** ذ. گھوڙي، اُٺ يا ٻئي ڪنھن سواريءَ جي جانور جي جھلَ ـ هيدي.

• **ٻڌڻ ۾ ٻڌڻ:** ذ. صفت. صاف، اُڇو، نج ـ خالص. ڏسو "ٻُڌڻ".

• **ٻڌڻ ۾ ٻڌڻ:** ذ. ڏگھو تاندورو (ڪپھ يا اُنَ جو). ڏگھي تاندوري واري ڪپھ يا اُنَ.

• **ٻڌندو ۾ ٻڌندا:** ذ. صفت. ڏسو "ٻڌندو".

• **ٻڌنگ ۾ ٻڌنگ:** ذ. ڏسو "ٻڌگ".

• **ٻڌنگ (ڪ):** ث. اُھو اُنَ جو سنگن ۾ ڪجي ھڻڻ جي حالت ۾ لبجي (منجھس گپ ٽوروءِ ھلڪو ٽئي، اُنھيءَ ڪري اھو ڪجو ان گاھ يا واڻ ۾ نڪري وڃي).

• **ٻڏو ۾ ٻڏا:** ذ. ٻرو ـ زَجُ، ڦُڙو ـ قطرو "جي آدميو اڄ. ته وسائيندو سونَ ٻڏيُنْ" (شاھ).

– **ٻڏي ۾ ٻڏيُون:** ث. ٻڙي ـ نقطو ـ ٽمڪو، ٻُوند ـ ٽيپو.

– **ٻڏي ٻڏي:** ث. ڦڙي ڦڙي. داڻ داڻ.

• **ٻڏي ۾ ٻڏي:** ذ. صفت. سائي ـ همراھ "ڀُنھونءَ ڏاران ٻپ ۽. ٻيلي ناھ ٻڏي" (شاھ).

• **ٻڏينگ ۾ ٻڏينگ:** ذ. صفت. سنھون، ـ ٻرو، گريل.

• **ٻڏ:** ذ. [آواز] ٻڙڪي يا اوڪاري جو آواز، ٻڪريءَ جو آواز.

• **ٻراتو ۾ ٻراتا:** ذ. [ٻر + وات] اُھو ھنڌ جتي ٻہ رستا پاڻ ۾ ملن ـ دوراھو.

• **ٻرڙي ۾ ٻرڙيُون:** ث. آبي، پکيءَ جو ھڪ قسم (اڇي، ميرانجھڙي رنگ جو).

• **ٻرانجرو، ٻرانجھرو ۾ ٻرانجرا، ٻرانجھرا:** ذ. صفت. [ٻانھن + وانْ + ڇيرو] سڌو نہ پر ٻانھن واري پاسي مڙيل ـ پاسيرو، ڏنگو ـ قِدّو "ڇيري واري يا پاسيرو (پنڊ)، گس يا رستي کان ٽوروءِ پاسيرو، وڇڙو، ٻن نشانن جي وچان (ل).

• **ٻربُ ۾ ٻربَ (ل):** ذ. وڏو ٽان.

• **ٻرٻ ۾ ٻرٻُون:** ث. رڙ ـ دانھن ـ ڪوڪ، ٻيڙات، ٻار جي دانھن.

• **ٻرٻاٽ ۾ ٻرٻاٽيُون (ل):** ث. دانھن ـ ڇيڻ ... رڙ، ٻيڙات، ھڙ ـ ھي ڏ ڪ ـ ٻرٻات.

• **ٻرٻرَتُ ۾ ٻرٻرَتَ (ل):** ذ. وڏي رڙ ـ وڏي دانھن، ٻرٻرتُ، ٻرٻات.

• **ٻرٻو ۾ ٻرٻا:** ذ. اسباب ـ سامان، مال متاع.

• **ٻرٻو ۾ ٻرٻا:** ذ. ڏير ـ ڍڳ، گھٽو انداز، رقم، رشوت ـ رڍي، فتنو ـ فساد، دَستي ـ ٺھي (نوٽن جي).

– **ٻرٻا ٻارڻ:** فساد اُٿارڻ، لالچ ڏيئي نقصان ڪرائڻ.

– **ٻرٻا ڏيڻ:** رڍيون آڇڻ، رشوتون ڏيڻ.

• **ٻرٻي:** اسم. خاص. تعلقي سانگھڑ ۾ ھڪ ڏيھ جو نالو.

• **ٻوٽاڙ ۾ ٻوٽاڙ (ڪ):** ذ. بار جي روئڻ جو آواز، وڏو واڪو، ٻوھاڙ.

• **ٻوٽنو ۾ ٻوٽنا (ت):** ذ. صفت. بلڪل ٽُلھو، ٽُلھي منھن وارو.

• **ٻوٽو ۾ ٻوٽا (ت):** ذ. صفت. ھالو ڀولو ـ بيوقوف ـ واڇرو ـ ٻوٽنو، ٽُلھو.

• **ٻوٽي ۾ ٻوٽيُون (ت):** ث. ٻڪري ۽ رڍ جو ھڪ قسم.

• **ٻوٽ ۾ ٻوٽ:** ذ. مُنھن جو ھيٺيون پاڳو (جاڙيءَ وارو)، مُنھن؛ (نفرت وچان) جانور جو ڏُون ـ دوناڙ (ت) ـ ٻوٽي ـ ٻوناڙ.

– **ٻوٽ ٻڌڻ:** مُنھن بند ڪرڻ، گالھائڻ کان روڪڻ، چپ ڪرڻ ـ مات ڪرڻ.

– **ٻوٽ ٻڌي ويھڻ:** گالھائڻ کان بس ڪري ويھڻ، چاٽي واٽي نہ گالھائڻ.

– **ٻوٽ ٻيٽو ڪرڻ:** مُنھن ڇپو ڪرڻ، مُنھن گھنجائڻ، شورڇڻ ـ ڪاوڙجڻ، مُنھن ڦيرائڻ، جواب نہ ڏيڻ.

– **ٻوٽ ٻت سان لڳڻ:** شرمسار ٿيڻ ـ ڦڪو ٿيڻ.

– **ٻوٽ ٻيڙ:** منھن پيڙ، سخت سزا ڏيڻ.

– **ٻوٽ سُجھائڻ:** منھن سجائڻ، مُنھن گھنجائڻ، ڪاوڙجڻ.

– **ٻوٽ وجھڻ:** جانور جو ڪنھن شيءِ کي سنگھي يا ڪائي خراب ڪرڻ، سنگھڻ ـ ٽوسڻ، وات وجھڻ، منھن وجھڻ.

• **ٻوٽارو ۾ ٻوٽارا (ل):** ذ. ڪاتي جو وڏيل ٻوڙڻ.

• **ٻوٽاري ۾ ٻوٽاريُون:** ث. ڏسو "ٻوٽاڙي".

• **ٻوٽاڙ ۾ ٻوٽاڙ:** ذ. جانور جو ٻوٽ وارو پاسو، دُوناڙ ـ ٻوناڙ.

• **ٻوٽاڙو ۾ ٻوٽاڙا:** ذ. وھت جي ٻوٽ تي (لغام نہ ھڻڻ جي حالت ۾) رسيءَ سان وڪڙ (ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي، اُھو رسو وڪڙ ڏيئي ٻوٽ کي ويڙھي، ٻي ڇيڙي ھٿ ۾ جھلبي).

• **ٻوٽاڑي ج ٻوٽاڑيون:** ث. ٻوٽي ـ مهانڊو ـ شڪل. نوڙيءَ مان ٺهيل چڪو (جو گهوڙي، اُٺ يا ٻڳي جي منهن تي. اُن کي ڏاڙي يا اُڃ چرڻ کان روڪڻ لاءِ، چاڙهيو آهي).

• **ٻوٽرو:** اسر خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **ٻوٽو (ث):** ذ.صفت. ٻوٽڻو ـ ٻڪهن ـ بيوقوف.

• **ٻوٽو:** ذ. جيت جو هڪ قسم (جو ڪپڙي ۽ ڪنڊن کي ٽڪي) ـ اُوٽو (ل) ـ ڇوٽو، وڏو ٻورو (اُن وغيره لاءِ).

• **پينڌوو ڇ پينڌوا**: ذ. ٻوٽي، جو هڪ قسم (جنهن مان رسا ٺهن) – پٽ تر.

• **پيڊي ج پيڊيون**: ث. [سن. پٹ - ويڑهي مُجو ڪرڻ] ڪپڙي جي پٽي جا نراڙ وتان مٿي ڪي ٻڌي وڃي (خصوصاً مٿي ۾ تيل وجهڻ يا ڪيس لاڻڻ بعد). پيشاني ۽ جي پٽي. رومال يا ڪپڙي جو ٽڪر جو واڻ جي حفاظت لاءِ مٿي جي متان ٻڌو وڃي. اُها ڳنڍ جنهن ۾ آتو، تيل، ڪلر ۽ هيڊ وجهي باهه تي ڪوسي ڪري ڏڪ واري جاءِ تي تاڪور لاءِ استعمال ڪئي وڃي. اڪين جي سور لاءِ دوائن ٻڌل مُوڙي (جنهن سان رَسُوَل جا ڦڙا اک ۾ وڌا وجن). اُها ڳنڍ جا رنگريز رنگ ڏيڻ وقت ڪپڙي کي ڏين. جيئن انهيءَ هنڌ تي رنگ نه چڙهي. 'باندڻو' ڪپڙي جي چٽ لاءِ سڳي سان ٻڌل ڳنڍ. ملس جي گهندي (ل). بڪارت - چيرو بند - ڪنوارپ. [سن. پٹڊا، پٹڊيڪَ] پاڇي ۽ جو هڪ قسم - ڪاٺ ٿوريُ. [سن. پٹڊَڪ] پٽ - ڏڙو (واري ۽ جو). پاڻپ - ڏاڻ "پنهوليس بَرن ۾، پيس پيڊين پير" (شاه).

- **پيڊي اکين ۾ وجهڻ**: سُور پيڻ لاءِ اکين ۾ پيندي ۽ وارو ڊپ وجهڻ.
- **پيڊي پاڻڻ**: پيندي وجهڻ. تاڪور ڪرڻ.
- **پيڊي چوڙڻ**: ڳنڍ کولڻ. چيرو کولڻ - ڪُنوارپ لاهڻ. ڪنوار ماڻڻ.

• **پيڊيو ج پيڊيا**: ذ [سن. پنڪٹِڪا] جيت جو هڪ قسم - ٽِڏو - تندڙ.

• **پيڙ ج پيڙَ، پيڙَون**: ث. پير ـ ادي.

• **پيڙس ج پيڙسُون (ث)**: ث. مينهن.

• **پيڙڪڙ ج پيڙڪڙ**: ذ. صفت [سن. پَيڙڪَرَ < پي + پَوُ + ڪُرِ = ڪرڻ] پوائتو - پيائڪ.

• **پينگ ج پينگون**: ث. [سن. پَڱَ، پنگ = پَڇڻ. ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ] اُجاڙ - سَڃ - ويراني. ڪنلائي - ڪنگالپڻو "پينگا جنين پينگ، صاحب تنين سامهون" (شاه).

- **پينگ، پينگون ڪرڻ**: سَڃ ڪرڻ - ڦرمار ڪرڻ.
- **پينگو ج پينگا**: ذ. صفت پينگيو.
- **پينگيو ج پينگيا**: ذ. سڄو - سڪٽو. ڪنگال - مسڪين. نادار. (ث). پينگي ج پينگيون.

• **پينگ ج پينگ**: ذ. [سن. پَڇنگ] ڪارو نانگ - ڪاريهر.

• **پينگاري، پينگي (ث)**: ث. [سن. پنڪاري، پَنڪاري] جيت جو هڪ قسم (وڻن ۾ وسڪاري جي موسم ۾ ٿئي).

• **پينگڙي (ث)**: ث. وَس جو ٻوٽڙو (جو ٻهرئين وسڪاري بعد ٻارهن ڪلاڪن اندر اُپري. پن سنهڙا ڇڪيدار ۽ ڦَرَ ڪَنديدار ٿئيس).

• **پينگو ج پينگا (ت)**: ذ. جيت جو هڪ قسم (ڪاري ٽندڻ جهڙو جو اڪثر چيٽن اندر رهي ۽ پُونُ پُونُ ڪري اَڏامي) "عشق الله ري عالم ۾. ڪل پينگن جي پُون پُون" (نانڪ يوسف).

• **پيڻ، پيڻ ج پيڻون**: ث. [سن. پَڪَنِي] پي، جي ڏيءَ - پيءَ ماءُ جي جائي - ادي. (اصطلاحاً) جيڏي - سَرتي - ساهيڙي.

• **پيڻائي**: ث. پيڻپڻو.

- **پيڻايو ج پيڻايا**: ذ. پيڻپو.
- **پيڻپڻ، پيڻپو**: ذ. پيڻ جهڙو لاڳاپو - پيڻ وارو رستو. ساهيڙپ.
- **پيڻڻ ج پيڻڻ**: ذ. پيڻ جو مڙس - پيڻرپو.
- **پيڻهوت**: ذ. پيڻ تي گار جو هڪ لفظ.
- **پيڻسان**: محاورو. پيڻ تي گار جو هڪ لفظ.
- **پيڻڪو**: ذ. صفت. پيڻ جو - پيڻ سان لاڳاپو رکندڙ.
- **پيڻرين پيڻيرين ج پيڻريا**: ذ. پيڻ جو مڙس - پيڻايو.
- **پيڻهان، پيڻيان**: ذ. محاورو. پيڻ تي گار جو هڪ لفظ.
- **پيڻهان ماڻهان ڪرڻ**: پيڻ ماءُ تي گارين ڏيڻ. گار گند ڪرڻ.

• **پينڙ، پينڙورو ج پينڙا، پينڙورا (ڪ)**: ذ. نندي چاڏي - پارڙو.

• **پيڙي ج پيڙيون**: ث. [سن. پَرَنِي] جاءِ ـ جڳهه - ٽاڪ پناهه جي جاءِ "پي پيڙي ناهير ۾، اڪيون اوهان جي آسري" (شاه). زمين - پَرُ. ماڳ - مڪان - هنڌ "هي پَنگا، هي پيڙيون، هي مارُن جا مڪان" (تمر). بيڻ - پاڙ. پَچائي - آخر - پڇاڙي - حَد. پر - ڪنڊي. مدد - واهر - وَسيلو "جنهن جي ڏڻيان ڏار. پيڙي ناهه پنهور ۾" (شاه). سَڳهه - طاقت - مجال - همّت. اُوجَ - منزل.

- **پيڙي پَڪڻ**: مقرر ٽڪاڻو نه هُجڻ - ٽاڪ پڇڻ.
- **پيڙي ۾ نه هُجڻ**: بي انداز هُجڻ - تمام گهڻو هجڻ. ڪا پناهه جي جاءِ نه هجڻ - ڪو وسيلو واهر نه هجڻ.
- **پيڙي ٻاهر ج پيڙي ٻاهَا**: ذ. صفت. جنهن کي ڪو ماڳ مڪان نه هجي - رولو. پتيلُ.
- **پيڙي لڳڻ**: مارُ پوڻ - پٽَ پوڻ. ڪنهن ماڳ مڪان تي جهجتو لڳڻ. ماڻهن. جانورن وغيره جو زمين جي وڏي ايراضي تي انبوهه ٿيڻ.
- **پيڙي لڳي پيڙي آهي**: محاورو. حَد يا شمار ئي ڪونهي.
- **پيڙيون پَڪڻ**: ماڳ متائڻ - ٽاڪ هٽڻ. بي انداز شيون ختم ڪرڻ. مبدان مارڻ.
- **پيڙين**: ظرف. پٽن تي - هنڌن تي - ماڳن تي "ڪٽين ڪٽ لُهار، هاڻي اُنهين پيڙيين" (شاه).

• **پيڙي ج پيڙيون (ڪ)**: ڪوهستان ۾ شاديءَ لاءِ جنهن هنڌ ڪواڙي گهوٽ ڪنوار لاءِ هنڌ وغيره رکجي.

• **پيو ج پيا**: ذ. [سن. پراڻَر = پاءُ] اَدو - پاءُ (اسم خاص) سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پيو**: ذ. ڊول - ڊِنگ - ڊَڻُ - نمونو. پيد - راز - گُنجهه.

ت

ت: ت. [ع، ف] سنڌي "الف — ب" جو پنجون اکر. عربيءَ جو ٽيون ۽ فارسيءَ جو چوٿون اکر. اُڇار "تي". ابجد موجب عدد (۴۰۰).

• ت: حرف تنسير. اسر. فعل. صفت. ظرف ۽ حرف جي 'خبر' جو تفسير ڏيڪاريندڙ حرف (۱. اسر جي خبر "ماٿو ت ڪونہ آيو: ڪير ت ڪونہ ٽيو". ۲. فعل جي خبر "جيائين ت ايندس: پاڻيءَ ت رهندا: اڇين ت ڇڪو". ۳. صفت جي خبر "ڇڪو ت هيٺ ٽيندو: ۽ ت پارهن: چوٿون ت سويل اُڀجي". ۴. ظرف جي خبر "جيئن ت ...: تيئن ت ڪونہ ٽيو: اتي ت ڪونہ هو: ڪڏهين ت راضي: تڏهين ت ڪيائين". ۵. حرف (استفهام، ناڪاري) جي خبر "چو ت؟: ڇاڪاڻ ت؟: ڪهڙو ت؟: نہ ت .....". (حرف جملو) سبب ڪري — ان لاءِ — انهيءَ ڪري "هو ويو ت ڪيس وڃي اڇي". بلڪل ان بعد فوراً پوءِ "جهڙ ٽيو ت مينهن پيو". ساڳئي وقت — ان سان گڏ "اندر پير پاتائين ت بتي وسائي".

— ڏ ۽ ڏ: حرف جملو. تڏهن ۽ — تنهن هوندي ۽ — ت پڻ "جيومانس ت ۽ ڪين مجيائين". ان وقت. انهي حالت ۾.

• ت ڪر: حروف ظرف. جڏ ت. جيڪر ت. هونڊ "ت ڪر ڪيئن سَئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي" (شاهہ).

• تا: حرف ظرف. [ف] تائين. (حرف عدد) "يڪتا، دوتا".

— تابحيات: حياتيءَ تائين.

— تابہ زيسْتُہ: جيئڻ تائين — عمر ڀر.

— تابہ ڪَئي: ڪيستائين. ڪڏهين.

— تاحال: هن وقت تائين.

— تاڃنڊ: ڪيترا. ڪيتري سان.

— تادَمِ زيسْتُہ: حياتيءَ تائين. تا زندگي.

— تاڪ: تان جو. انهيءَ لاءِ ت.

— تاڪ شوڏ: جملو. جڏهين ڪي ٿئي. شايد ئي ٿئي.

• تاب: ذ. [ف. تاب: سن. تاپ > تپْ = چمڪڻ. گرمي ڪڍ] روشني — جلڪو — چمڪو. نور — جلوو. گرمي — تپت. تيزي. هيبت. هراس. ڏهڪاءُ. دهشت — داب. ڏڪو — ڏمڪي. تڪليف. پيچ. وٽ. طاقت — مجال.

— تابان: صفت. [ف] روشن — چمڪندڙ. نوراني ور وکڙ وارو.

— تابانيْ: ث. روشني — چمڪ — نُور — رونق — تجلو.

— تابُ جهلڻ: تيز روشني آڏو منهن مٿي جهلڻ. ڏڪا جهلڻ — ڪاوڙ سهڻ (ٻئي جي).

— تابدارُ ج تابدارَ: ذ. صفت. [ف] چمڪندڙ — روشن. ور وکڙ وارو — پيڇدار.

— تابُ ڏڪو ڪڍ: ڏڪو ڏمان ڪڍ. ڏمڪيون ڏيڻ. ڳهت وڌ ڳالهائڻ.

— تابُ ڏيکارڻ: ڪاوڙ ڏيکارڻ. جوش ظاهر ڪرڻ.

— تابُ ڏيڻ: آڪڙ، شوخي، رعب يا ڪاوڙ ڪڍ.

— تابُ ڏيڻ: آڪڙ، شوخي، رعب يا ڪاوڙ ڏيکارڻ. وٽڻ (مُڇون).

— تابُ ڪڍ: گرمي ڪڍ. ڪاوڙ ڪڍ. تنبيهہ ڪرڻ.

— تابُ ۾ پوڻ: تڪليف ۾ اچڻ.

— تابُ ۾ رکڻ: ڏڪي ۾ رکڻ. حڪم ۾ هلائڻ.

— تابُ وتَوان: ث. [ف] طاقت — سگهہ — زور. صبر و قرار — برداشت.

— تابُ ويهارڻ: ڏاڪو جمائڻ — جَمت رکڻ.

• تابان: صفت. تالان — برباد — اُجڙ.

— تابانيْ: ث. ويراني — بربادي.

• تابستان: ذ. گرمي. اونهارو.

• تابش، تابَشِ ج تابشوُنْ: ث. [ف] گرمي — تؤ — تاءُ. تاوڙي — گرمائش. تيزي — ٽڪائي. ڪاوڙ. حشمت "تابشون تنين جون. مهميزون مارين".

— تابَش ڪڍ: گرمي ڪڍ. آڪڙ ڪڍ. ڪاوڙ ڪڍ.

• تابِعُ: ذ. صفت. [ع. تَبِعَ (= فرمانبرداري ڪڍ) > تابِع (اسر فاعل) = فرمانبرداري ڪندڙ] فرمانبردار — مطيع — پابند. پيروي ڪندڙ — پيرو — معتقد — پوئلڳ. هٿ هيٺ — حڪم ۾ — ڇوٽ ۾ — مجتا ۾. زيردست. ماتحت.

— تابِعْدارُ ج تابِعْدارَ: ذ. صفت. [ع. تابع + ف. دار < داشتن] حڪم جي پيروي ڪندڙ — فرمانبردار.

— تابِعْداريِ ج تابِعْداريوُنْ: اطاعت. فرمانبرداري — بانهپ — مجتا.

— تابع ڪڍ: حڪم ۾ آڻڻ — هٿ هيٺ ڪڍ. جهيڙڻ.

• تابِعِيْن: ذ. [ع. تابِعْ > تابِعُون (جمع) > تابِعِيْن (جمع، حالت مفعولي، جري ۽ اضافي ۾)] پيروي ڪندڙ. اُهي اوائلي مسلمان جن نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي ڪنهن صحابيءَ کي ڏٺو هجي.

• تابناک: صفت. روشن — چمڪندڙ — تابان.

• تابندگيِ: ث. روشني — چمڪو.

• تابِنْدَہ: صفت. [ف] روشن — چمڪندڙ.

• تابُوتُ ج تابُوتَ: ذ. [ع] ڪاٺ جي صندوق. لاش رکڻ جي صندوق. ڪاٺ جي مصنوعي تُربت (جا حضرت امام حسين جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ ڏاهي عاشورن جي موقعي تي گهمائيندا آهن) — تعزيو.

— تابوتُ گَرُ: ذ. صفت. تابوت ٺاهيندڙ.

• تابِيْنو ج تابِينا: ذ. [ع. ۱. تابِيْن = نقش قدم تي هلڻ ۲. تابِع =

تابعداري ڪرڻ] دل (تابعدار رهڻ جي) – آنڪي. تابعداري – فرمانبرداري "آهي تخت تابيڻي تنهنجي". خدمت – چاڪري.

– **تابيڻي:** ظرف. تابع – هٿ هيٺ – حڪم هيٺ – حوالي.

– **تابيڻي ۾ ٻيهڻ:** خدمت ۾ هجڻ – چاڪري ۾ ٻيهڻ.

• **تات، تاتِ ج تاتُوڻ:** ث. [ع. طاعة = فرمانبرداري] خدمت. پرداخت – پرورش – پالنا. پر گهور – سنيال. ٻچار – اَن ٿُڻ. فڪر – گهٽتي. يادگيري – سار – ساروڻي "تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا" (شاه).

– **تاتَ ٿُوتَ:** ث. ڳالهه ٻچار – ذڪر اذڪار – جڙيجو. يادگيري – طلب.

– **تات پذيرُ:** ذ. صفت. فرمانروائي قبول ڪندڙ – جيو مجيندڙ. عبادت گذار.

– **تاتِ پوڻ:** گهرج ٿيڻ – طلب ٿيڻ. گهڃي، پوڻ (ت). ٻچار ۾ پوڻ.

– **تاتِ ڪرڻ (ت):** پوئواري ڪرڻ – سنيال ڪرڻ. يادگيري ڪرڻ.

– **تات مجائڻ:** وس ۾ آڻڻ – قبضي ۾ آڻڻ.

– **تاتِ مڃڻ:** آڌ مڃڻ – هار قبول ڪرڻ.

– **تاتِي ج تاتِيُ:** ذ. صفت. فرمانبردار – آگياوان – چئيوان.

• **تاتار:** اسم خاص. ترڪستان جو ملڪ.

– **تاتاريُ:** ذ. صفت. تاتار جو (رهاڪو). (ذ) جابلو ماڻهن جو چوغو – ڊگهو پهراڻ.

• **تاتارڻ:** مصدر. ڏاڙائڻ – برغلائڻ. ڏسو "تاترائڻ".

• **تاتِپڑِجُ:** ذ. [سن. تاتَپَرِيَ = مطلب] مطلب – معنيٰ – مقصد – ارٿ – سارُ – خلاصو – ٿَڌُ – اختيار. تفصيل – وجود.

• **تاتِجڻُ:** مصدر. "تاتڻ" مان فعل مجهول [ع. طاعة > تات > تاتجڻ] نيجڻ – پلجڻ – وڏو ٿيڻ – پرورش وڃڻ.

• **تاتراڻُ:** مصدر. [سن. تَتَرْنَ = چوڳي تي ريجهائڻ] ڏاڙائڻ – ريجهائڻ – هيرائڻ. (تاتاريو. تاترائيندو. تاترايل).

• **تاتنا:** ث. پالنا جي حالت – پرورش – پرداخت. سنيال – سار. حفاظت – تات.

• **تاتڻُ:** مصدر. [ع. طاعة > تات > تاتڻ] سنيالڻ – حفاظت ڪرڻ – پرگهور لهڻ. پرداخت ڪرڻ – نپائڻ – پالڻ. ڪارائي پياري وڏو ڪرڻ – پرورش ڪرڻ. (تاتيو – تاتيندو – تاتيل).

• **تاتيندڙ:** ذ. صفت. سنيالينڊڙ – پر گهور ڪندڙ – پرداخت ڪندڙ.

• **تاڏاڻ، تاڏاڻُ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ. ڪان – تنان.

• **تاڏاڻهونُ، تاڏاڻُهونُ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ ڪان وڃي – تنڏاڻهون.

• **تاڏهينِ، تاڏهينُ (ت):** ظرف. تنان. اُتان – هُتي ڪان – هُن جاءِ ڪان.

• **تاڏي (ت):** ظرف. [سن. تتْرِ = تتي] تنهن جاءِ تي – تتي.

• **تاڙُ ج تاڙاتہ:** ذ. [ع. أثر > پيروي ڪرڻ. نقش قدم تي هلڻ] اثر – اثر پذيري.

• **تاثيرُ ج تاثِيرَ:** ذ. [ع. أثر (= ڪنهن شيءِ تي نشان ڇڏڻ. ڪنهن کي متاثر ڪرڻ) > تاثير = اثر] أثر. ڏاڪو. ڪيمياڻي خاصيت. ڪيمياڻي ردعمل.

• **تاپ:** ذ. [سن. تَپْ، ف. تاپْ] تاءُ – سيڪ. تَپ.

• **تاپجڻ:** فعل مجهول. [ف. تاب = گرمي؛ سن. تَپْ = گرم ٿيڻ] سيڪجڻ. تپجڻ.

• **تاپش ج تاپشُونُ:** ث. [ف. تابش] گرمي – تپش – ڏسو "تابش".

• **تاپڻ:** مصدر. [ف. تابْ (= گرمي. سيڪ) > تابڻ > تاپڻ: سن. تَپْ = ڪوسو يا گرم ٿيڻ] گرم ڪرڻ – ڪوسو ڪرڻ. سيڪڻ. (تاپيو – تاپيندو – تاپيل).

• **تاپڻو (ڻ):** ذ. [سن. تپ، ف. تاب] سيڪ (باهه جو).

• **تاپولي:** ث. تَپَ جي هلجل ۽ رفتار. موسمي تپ جي شروعات. ڏسو "تپاولي".

• **تاپيلو ج تاپيلا:** ذ. ٽاڻ، جو هڪ قسم (ويڪري مُنهن سان. جنهن ۾ طمار رڌجي) – تپيلو. ٽڪر يا تامي مان ٺهيل هڪ قسم جو ٽاڻ، (جو ڏاڏوءَ کي ڳاڙڻ لاءِ ڪم اچي).

• **تاجُ ج تاجَ:** ذ. [ع. ف] بادشاهي دستار – پَٽ ـ ..... فاقيري توپي (مٿي جنهنبدار سفيد توپي. جنهن کي "جهوڪ" وارن صوفين بزرگن. توڙي ٻين ڪن صوفين جي رسمي اصطلاح ۾ "تاج" سڏين) – ڪلاه. پڪيءَ جي چوٽي – موڙ.

– **تاجپوشي:** ث. [تاج + ف. پوش < پوشيدن = پهرڻ] بادشاهه کي تاج پهرائڻ جي رسم.

– **تاجدارُ ج تاجدارَ:** ذ. صفت. [تاج + ف. دار < داشتن = رکڻ. هجڻ] تاج پهريندڙ – تاج وارو. بادشاهه. پَڳدار.

– **تاجداريُ:** ث. تاجدار هُڻ واري حالت. بادشاهي. پَڳداري.

– **تاجِ شمعَ:** ذ. ڏئي جي چوٽي – شُعلو.

– **تاجِوَرُ ج تاجِوَرَ:** ذ. صفت. تاج وارو – بادشاهه.

• **تاجُپور:** اسم خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو ('تاجپور' ڪلهوڙن جي امير 'تاجي ليکي' آباد ڪيو ۽ تالپوري عهد ۾ 'لغاري' نوابن جو مرڪزي ڳوٺ بنيو).

• **تاجِرُ ج تاجِرَ:** ذ. صفت. [ع] واپاري – وڻجارو – سوداگر.

• **تاجِ مَحَلُ:** اسم خاص. [ع. تاج (= پَٽ) + محل (= محلات)] شاهه جهان بادشاهه جو پنهنجي راڻي 'ممتاز بيگم' لاءِ ٺهرايل مشهور مقبرو (جو جمنا نديءَ جي ڪناري تي آگري شهر ۾ آهي: جنهن جي

تعمير ۱۶۳۲ ع کان شروع ٿي ۽ ۱۶۵۰ ع ۾ ختم ٿي).

- **تاجڪو ج تاجڪا (ٿ)**: ذ. [ف. نازبانه = جهبڪ] جهبڪ.
- **تاجُو ديرو**: اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ ڳڙهي خيري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجُو ڪوسو**: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجِي**: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجِيڙي**: اسم خاص. تعلقي گوٺ ۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجُ ج تاج**: ذ. تاج.
- **تاجِي ج تاجِيُون**: ث. [ف. تائه < تَنِيدَنْ = اُڻڻ] اُڻاوت جي اَڏي ۾ ڏڳهين تندن جو ڇڏو (جنهن ۾ ٻر ۾ 'پيٽي' جون تندون وڇهندا آهن) ڪپڙي جون ڏيگهه واريون تندون — تاني (ت).
- **تاجِي پيٽو**: ذ. ڪپڙي جي ڏيگهه ۾ ٻَرُوارا ڏاڪا.
- **تاجِي پيٽو جاچڻ**: ڪنهن جو منجهه ڪيڻ. راز جاچڻ — ڳُجهه ڳولڻ. اصل حقيقت معلوم ڪرڻ.
- **تاجِي پيٽو ڏارڪرڻ**: ڏورو ڏولڻ — ڪنهن جا پول پڌرا ڪرڻ. ڪوڙ سچ جدا ڪرڻ.
- **تاجِي پيٽي پت هڻڻ**: حسب نسب ۾ شريف هڻڻ. خاندائي نسل مان هڻڻ — وڏ گهراڻو هڻڻ.
- **تاجِي ۽ دَرُ**: ذ. تاجي ۽ جو وڪڙ يا ڏوڙ (جنهن ۾ 'ڪانو' وجهجي).
- **تاجِي ڪيڻ**: ڪپڙي جي اُڻاوت لاءِ تاجي پکيڙڻ. گهٽي اڄ وڃ ڪرڻ. ڏري ڏري اڃن. ڏيگهه ڪرڻ.
- **تاڇُ**: ٿ. [ف] حملو — ڪالهه. لٽ — قرمار — بربادي — تباهي.
- **تاڇ و تاراج**: ث. تباهي — بربادي.
- **تاڇيو**: ذ. [ف. تاڇتَهْ = اُڻڻ] سلڪ جو ڪپڙو.
- **تاخَرُ**: ذ. [ع. آخر > تاخّر = هن ديرڪُني] ديرِ — اوير.
- **تاخِيرُ**: ٿ. [ع. أخّر > تاخِير = دير] ديرِ. ڍِر. فرصت.
- **تادِيٰ ج تادِيُون**: ٿ. [ع. تَعَدّيٰ = حد لتاڙڻ. زيادتي ڪرڻ] جُرمانو. جاڙ.
- **تادِيبَ**: ٿ. [ع] ادبي سڪيا. هيڙ ۽ ڪيڙ. تنبيه ـ چيتنيه. اصلاح — سنوار.
- **تاڏَ ج تاڏُون (ت)**: ٿ. [سن. تَدّ = ٻاڻ ڏانهن ڇڪڻ. پري جهلڻ. پوئتي هٽڻ. ٻاڻ ٻاڻئ] هڪ طرف ڏانهن ڇڪ (عضوي جي) — تڏ. زور (ملهه ۾ ٻاڻ ڪان پري جهلڻ لاءِ). [سن. تُرِدّ = ترڇي نظر ڪرڻ] تيڏ (اک جي). ڏنگ — وَرُ. بحث — مناظرو (ت). تَوَڏ — آڪڙ.
- **تاڏَ ڏيڻ**: تڏي پري جهلڻ (ملهه ۾). تيڪ ڏيڻ (ٽوٽي وغيره سان جاءِ ڪي). تڏ ڏيڻ.
- **تاڏُون ڏيڻ**: آڏا جواب ڏيڻ. احايا جواب ڏيڻ.
- **تاڏَ**: ذ. صفت. "تاڏو".
- **تاڏاڻ، تاڏهاڻ (ت)**: ظرف. ان طرف ڏانهن — اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏانهين، تاڏهين**: ظرف. اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏُنهُنْ (ت)**: ظرف. ان طرف ڏانهن — اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏُهُون، تاڏُئُون (ت)**: ظرف. ان طرف کان — تيڏاهون.
- **تاڏِر (ت)**: ٿ. [سن. تَمدّ] آڪڙ — سيٽ.
- **— تاڏَر ڪرڻ**: اجائي آڪڙ ڪرڻ — نَلهي سيٽ ڪرڻ.
- **تاڏُنُ**: مصدر. [سن. تَدّ = ٻاڻ ڏانهن ڇڪڻ] ڇڪي هلڻ (وهت وغيره کي). گهيلڻ. گهيلي مارڻ — جيجلاڻڻ (جيئن پلي ڪٽي کي). چاڇولڻ (ڪپڙن وانگر پاڻيءَ ۾). [سن. ترڏ] ڏنگائي ڪرڻ. گوهي ڪرڻ. (تاڏير — تاڏيندو — تاڏيل).
- **تاڏو ج تاڏا**: ذ. صفت. [سن. تُرِد] تيڏو ڏنگو — قِدو "تاڏين انگين. اوڙو. ٿو عشق اولاڻا ڏي". آڏو. ترڇو. وريل. ڏکيو — اهنجو. ٽورر جهڪو (پَتُ) — هيڻاهون — جهميل. گوهڙ (جو گوهي ڪري ٻيهي رهي يا پاسا وڻي). اُهو تروڏو جو رسي جي تاڙ تي هيرائجي. تانگهو (پاڻي) — پير پوڙ. (ذ) پاڻيءَ جو ڪامون — ڇِدو — نديو ڍهو (ل). گهوڙي. اُٺ يا گڏهه جو ٻوتاڙو. (ٿ) تاڏي ج تاڏيون.
- **— تاڏا جهاڙو**: محاورو. تيڏو ۽ ڇُڪجهو.
- **— تاڏو ڍَهو (ل)**: ذ. پاسيرو يا ڏنگو (ور وڪڙ وارو) پاڻيءَ جو ڪامون (خاص ڪري مينهن جي پاڻيءَ جو).
- **— تاڏو ڪُنڊ**: محاورو. مغروريءَ سان اُهو ڳالهه — سيٽيل ڪنڊ.
- **— تاڏو ڪامون**: ذ. ڏنگو پاسيرو ڪوتيل ڪڏو. نديو پڏو.
- **— تاڏو ماپو**: ذ. اٽيورو ماپو. اوڙو ماڻ.
- **— تاڏو وَڏُ (ٿ)**: ذ. نميل وڏ (جنهن کي اُٺ ڪري يا ٻيو ڪوبه جانور ٻيني ڪاڍي سگهي).
- **— تاڏو هلڻ**: اڏنگو هلڻ. لاڏ سان هلڻ.
- **تاڏو گل**: اسم خاص. تعلقي سامارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاڏِي ج تاڏِيُون**: ٿ. 'تاڏو' جو مؤنث. ڏنگي. اڻانگي. ترڇي. ڪپڙن ڏوڻ جي ڪُناري (ت).
- **— تاڏي رَنُ**: ٿ. سامهان جواب ڏيندڙ زال — آڏيون خوديون ڏيندڙ عورت. ٻڪواڻ زال.
- **— تاڏي نظر**: ٿ. ترڇي نظر — غمزه. تيڏي نظر.
- **— تاڏي هلڻي**: ٿ. پاسيري هلڻي. اڏنگي هلڻي.
- **— تاڏيري (ٿ)**: ٿ. صفت. ڪيڙا ڏوڻيندڙ عورت.
- **تاڏي (ت)**: ظرف. تنهن طرف — تيڏانهن — "جاڏي" جو ضد.

• **تارُ**: ث [ف] گهاٽي اونده ۽ گهگهه اونداهي – تاريڪي. ڪارائ. (صفت) ڪاري "شبِ تارُ."

• **تارُ**: ث. پرت جو هڪ قسم.

• **تارَ ج تارُنُ**: ث. [ف: سن] ڪنهن به ڏاتوءَ جي سنهڙي تند. ڏاڳو – سُٽَ جي تند. ڏورو. ساز جي تند. ڏاتوءَ جي تند جنهن جي ذريعي برقي خبر موڪلجي. اها خبر جا بجليءَ رستي جلد موڪلجي – برقي خبر. چڪ – سڪ – لُنُ: (محبت جي) "تار جنهن کي يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهر بار جي". اوسيڙو – اونو – ڳڻتي. يادگيري. ڪرٽن جي لات – ٽيرون جي لاٽ. [سن. تال] وجت. سُرتار.

– **تارِ برقي**: ث. بجليءَ رستي موڪليل نياپو.

– **تارِ بابُو**: ذ. صفت. تار وسيلي خبر موڪليندڙ منشي يا ڪلارڪ.

– **تارِ تارِ**: صفت. تندو تندو ٽڪرا ٽڪرا.

– **تارِ تارِ ڪرڻ**: ليڑون ليڑون ڪرڻ – ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

– **تارِ عَنْڪبوتُ**: ث. ڪوريئڙي جي جار.

– **تارِ قُطبي (ث)**: ث. تاجيءَ جي تندن کي قُطبيءَ مان لنگهائڻ جو اوزار.

– **تار ڪرڻ**: تار ذريعي نياپو موڪلڻ – بجليءَ رستي اطلاع ڪرڻ.

– **تار ڪش**: ذ. سون يا چانديءَ جي تند کي چڪي سنهڙو ۽ ڊگهو ڪندڙ اوزار.

– **تارڪشي**: ث. پرت جو هڪ نمونو – ڪپڙي جي تند چڪي گل قل بنائڻ جو ڪم (ڪپڙي ۾).

– **تار گهرُ**: ذ. تار ذريعي پيغام موڪلڻ جي آفيس – تار موڪلڻ جي جاءِ.

– **تار لڳڻ**: اندر ۾ محبت جي لُنُ لڳڻ – محبوب جي لڙهه لڳڻ. محبت ۾ گرفتار ٿيڻ.

– **تار ۾ تارُ لڳڻ**: سڪ ۾ چڪ لڳڻ – محبت ۾ واڌارو ٿيڻ "ڳچر تاز ۾ تارَ تنهن يار ڏي. ربابي رڳون پيون وجن يارَ ڏي".

– **تار و پودُ**: ذ. [ف] تاجي پيٽو (ڪپڙي جو).

– **تار وڌهي ڪڻي**: ث. جتيءَ جي ڪڻي جنهن جي مٿان تار ويڙهيل هجي (ت جُتي مضبوط ٿئي).

• **تارُ ج تارَ**: ذ. [ف. تارْ = چوٽي. مٿو] ماڻهوءَ جي مٿي يا قد ڪان اونهون پاڻي. اونهون – عميق. يرڀل – پريور (دريا) "سي ترت لنگهنديون تار، اڪنڊ آڪهه جن سين" (شاهه)؛ "ڇاهڪ چري. تار تري. آيون مٿي ڪن" (شاهه). [سن. تال] ڳائڻ وڄائڻ جو اصطلاح. وجت جو وقفو يا ٽڪاءُ. سُرتار. [سن. ٽلّ = تراکڻو ٽاڻڻ] جنڊ جي مات (جنهن ۾ اٽو پيسجي ڪري ۽ گڏ ٿئي) – ٽار (ل).

– **تار ڏانگهو جاڻهو**: سڀ اندیشا ڪرڻ. اڳ پوءِ جو خيال رکڻ.

– **تار ترڻ**: اونهي اڇاڻ پاڻيءَ مان ترڻ. مشڪل مان پار پوڻ. ڏکيو لانگهو لنگهڻ.

– **تار ٽيڻ**: جوتيءَ تائين پرچي وجڻ (تلاءَ، ڪڍ، واهه جو).

– **تار پوڻ**: اونهي اڇاڻ پاڻيءَ ۾ پوڻ. غشيءَ ۾ پوڻ.

– **تار جهلڻ**: ساز جي وڄت ۾ 'پُريي' ۽ 'خالي' جو پورو جوڙ ٻيهارڻ. 'پُريي' جو پورو ڏڪ هڻڻ.

– **تار ڇڪائڻ**: ساز جي وجت ۾ 'پُريي' جو پورو ڏڪ هڻڻ. وجت جو ڳر ملائڻ.

– **تار ڇڪڻ**: وجت ۾ 'پُريي' جو ڏڪ لڳڻ – وجت جو ڳرُ ملي وڃڻ.

– **تار ڳرڻ**: جوتيءَ تائين پرڻ.

– **تار مان ڪيڻ**: اوڙاهه مان آڇو ڪرڻ. مصيبت مان ڪيڻ.

– **تار هڪان**: ذ. ڳائڻ جو اصطلاح. ڳائڻ جي آواز ۽ آلاپ سان ساز جي همنوا وجت. وڄت ۾ 'پُريي' 'خالي' جو پورو مان. وڄت جو هنر. سُرتار.

– **تار ملائڻ**: ساز جي تار يا تارن کي 'سرگم' جي اصول موجب هم آواز ڪرڻ.

– **تار ۾ پوڻ**: اونهي پاڻيءَ ۾ پوڻ. جهاجهه ۾ پوڻ. بک ڪرڻ. هوش کان نڪرڻ. وڻل ۾ پوڻ – وڻل. بيماريءَ جي غشيءَ ۾ هجڻ. اڃائي حرص ۾ پوڻ.

– **تار ۾ وجهڻ**: اونهي پاڻيءَ ۾ پوڙڻ. مونجهاري ۾ وجهڻ – سوداءِ ۾ وجهڻ.

• **تاراج**: ذ. [ف. تاراج = قرلٹ] بربادي يا تباهي جي حالت. قرلٹ. (صفت) برباد – تباهه – ناس.

– **تاراج ڪرڻ**: برباد ڪرڻ – تباهه ڪرڻ "عمر ساريءَ جي عبادت، تر هڪ ئي تاراج ڪئي" (مصري شاهه). ڦٽائڻ – داهڻ – بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.

• **تاراجي ج تاراجيُونُ**: ث. تارازي – ساهمي.

• **تارازو ج تارازا**: ذ. [ف. تَرَازُو = ساهمي] ساهميءَ جي پڙ وارن ڏاڳن مان هڪ ڏاڳو. لغز جي ڪمان ۾ بدل ٽڪندو ڏاڳو.

• **تارازُو ج تارازُو**: ذ. [ف. تَرَازُو] ساهمي – تارازي.

• **تارازي ج تارازيُونُ**: ث. [ف. تَرَازُو] ساهمي – ٽڪوڙي.

• **تاراهِ**: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارا هَڏِيُ**: اسم خاص. ڪيري ۽ تندي الهيار تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارائي ج تارائي**: ذ. گڏهه جو هڪ قسم (چيني بنياد مان. رنگ اڇو. ٻني "لاسي" گڏهه کان ڏگهي ۽ ٻٽ ۾ سُٽڻي "گڏهه کان ڳرو).

• **تارڄ:** ذ. [سن. تاتْپَريه (= مطلب) > تاتپرج > (مخفف) تارج] پورتاميل – حساب ڪتاب، اختصار.

• **تارخ:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد (آذر) جو ٻيو نالو.

• **تارڙا:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **تارڪ (ڪ):** ث. [سن. تالْڪ] لَسي ۽ ٿورو ڪڏ وانگر هيناهين زمين (جا پاڻي، جي وهڪري سببان ٿي هجي).

• **تارڪ ج تارڪُون (ل.ڪ):** ث. [فا. تارَڪ =جوتي] ڪهوڙي جي بن ڪنن جي وچ وارو فاصلو. ڪهوڙي جو ڪاپار "تير گوشا، تارڪ سيليا، ڪُنڊي ڪن قراق" سِرُ – مثنو "وجهي هلندیس هوت ڏي، تارڪ مٿي ناڄ" (خانہ زئي). بن پيرَن جي وچ واري ڏُکري – تِرڪُٽي – تِر ڪٽ. پنڪو – پگ (ڪ).

• **تارِڪ ج تارِڪ:** ذ. صفت. [ع. تَرَڪ (هن ڇڏيو) > (اسم فاعل) تارِڪ = ڇڏيندڙ] دنيا کي ترڪ ڪندڙ – تياڳي. اَللّٰه لوڪ فقير، فقير.

– **تارِڪ الدُّنْيا:** ذ. صفت. [ع] جنهن دنيوي معاملات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هجي. گوشہ نشين. دنيا ڪان فارغ لاپال. آجو – آزاد.

• **تارِڪو:** اسم خاص. تعلقي ميرواه ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **تارِڪِي:** اسم خاص. لٽي ۽ ميرپور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **تارِڪي:** صفت. ترڪ ڪندڙ – تارڪ..

• **تارِلِي:** ث. ساموندي مڇي، جو هڪ قسم.

• **تارڻ:** مصدر. [سن. ١. تُرِيْ = تَرڻ، ٢. تَلّ = تَرَڻ] پاڻي، جي سطح تي هلڻ يا ٻيهارڻ (يعني پاڻي، ۾ ٻڏڻ نہ ڏيڻ). پار اُڪارڻ (درياءَ، واهہ، وغيرہ جي اونهي پاڻي ۽ وهڪري مان). بچائڻ (مصيبت مان). وصول ڪري ڏيڻ (پئسا، رقم). مٿان مٿان ڪٽڻ (اَنّ يا ٻي ڪا شيءِ جا ڏڻن جي صورت ۾ هجي). صاف ڪرڻ (اَنّ وغيرہ. ڇج ڏيڻي) – ڪِلڪائڻ. (تاريو – تاريندو – تاريل).

– **تارڻهار:** ذ. صفت. تاريندڙ (ٻڏڻ کان). پار اُڪاريندڙ (مصيبت مان). اوکيءَ ۾ مدد ڪندڙ. بچائڻهار – ڇڻي نمالي.

• **تارڻِي ج تارڻِيُون:** ث. درياءَ جي ٻيڙيءِ جو هڪ رسو (جنهن سان "آڏڻ" مٿي ڪجن) – رَسِ. لوهارن جي اصطلاح ۾. ڪنهن لوهي اوزار جي ڇهنب.

• **تارو:** ذ. هڪ نحس تاري جو نالو (جو چند جي ڀهرين ۽ ٻي تاريخ اُپرندي طرف، تين ۽ چوٽين تاريخ ڏکڻ طرف، پنجين ۽ ڇهين تاريخ الهندي طرف، ستين ۽ اٺين تاريخ اُتر طرف، نائين تاريخ زمين ۾ ۽ ڏهين تاريخ آسمان ۾ سمجهيو ويندو آهي. عام وهم موجب، جنهن طرف اهو تارو هجي انهيءِ طرف ڪنهن بہ ڪم سان وڃڻ مان سراسر نقصان ٿيندو. تنهنڪري چوٿي تہ "ترار کي سامهون وڃجي پر تاري کي سامهون نہ وڃجي".)

– **تارو سامهون هجڻ:** نحس تاري جو سامهين رخ ٿي هجڻ.

– **تاري سامهون وڃڻ:** نحس تاري واري طرف ڪم ڪار سان وڃڻ. جاڻي ٻجهي نقصان ۽ ناڪاميابيءِ وارو ڪم ڪرڻ.

• **تارو ج تارا:** ذ. [سن. تارا] چمڪندڙ آسماني جسم (جو عموماً رات جو ڏسبو آهي ۽ ٽمڪندو رهندو آهي. هي جسم خود روشن آهي. بعضي ڏينهن جو بہ ڪو تارو نظر اچي ويندو آهي) – سِتارو – نَڇَر (ع) – star. اڪ جو تارو (اڪ جي وچ ۾ گول نشان) – ٻَتلي (اڪ جي).

– **تارا ڳڻڻ:** انتظار ۾ اوجاڳو ڪرڻ – رات جو انتظار ڪرڻ.

– **تارا ٽمڪائڻ:** اکيون ٽمڪائڻ (مايوسيءِ سان)، نماڻائيءِ سان ڏسڻ.

– **تارا ڇڻڻ:** اُپ مان تارا لاهڻ. تمام وڏو ڪم ڪرڻ – ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکارڻ. تارا ڏيکارڻ.

• **تارا ڏيکارڻ:** سيکٽ ڏيڻ. سخت سزا ڏيڻ. ڪاوڙ ۾ اکيون ڦوٽارڻ.

– **تارا ڏينهن جو ڏسڻ:** ڪنهن ناممڪن ڪم جي ٿيڻ جو خيال ڪرڻ. حواس باخته هجڻ.

– **تارا ساوا ٿيڻ:** ڏپ يا هراس ۾ اکيون سايون ٿيڻ. سخت تڪليف هيٺ اچڻ. ڏڪڻ.

– **تارا ڦِرڻائڻ، ڦِرڪائڻ، ڦيرائڻ:** اکين جا دوڙا گهمائڻ. اکيون هيٺ مٿي ڪرڻ ۽ پورڻ پٽڻ (تڪليف يا سڪرات ۾).

– **تارا ڦوٽارڻ، ڪيڻ:** ڪاوڙ مان اکين جا دوڙا سنوان ڪرڻ. اکيون ڦاڙي نهارڻ – اکيون ڪيڻ. ڪنهن ڏانهن اکيون ٻٽي گهور ڪري نهارڻ. ڪاوڙجڻ.

– **تارا گول ٿيڻ:** اکين جو ٻي نور ٿيڻ. بيمار ٿيڻ.

– **تارا ڳڻڻ:** رات جو انتظار ڪيڻ. نند نہ ڪرڻ. سوچ ويچار ڪرڻ. تارا لاهڻ.

• **تارا لاهڻ:** ناممڪن ڪم ڪرڻ.

– **تارا مَنْڊَل:** ذ. تارن ۽ برجن جي منڊل ۽ انهن جي آڪارن جو حساب ڪتاب. تارن جو ميز. آتشبازيءِ جو هڪ قسم.

– **تارِل ج تارِل:** ذ. صفت. وڏين اکين وارو – ڏوڏو.

– **تارُن جيتري عمر ٿيڻ:** وڏي حياتي ٿيڻ.

– **تارو ٻُڌيرو ٿيڻ:** بخت جي ستاري جو قِري ٻُڌ ڏيڻ. پاڳ ڦٽڻ – بدبختي اچڻ.

• **تارو ڪرڻ، تارو ڪيڙ:** آسمان مان تارو ڪيرڻ.

• **تارُو ج تارُو:** صفت. جو پاڻيءَ ۾ تري سگهي. تري جاڻندڙ. (ڏ) پاڻيءَ جي جيت جو هڪ قسم — تارُوئڙو — شَهُتارو.

• **تار واري ج تار واريون (ت):** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڳوٺ ڳنيير لڳ ٽيڙهي تعلقي خيرپور ۾ ٿئي ۽ عام جام آهي).

• **تارولُو (ث):** ذ. سئيءَ جو پرت. پرت پريندڙ زالن جو گڏجي هڪ هنڌ ويهي پرت پرڻ.

• **تارُونُ ج تارُونْ:** ذ. [سن. تالُ، ف تارْ = چوٽي] مٿي جي چوٽي (ميڙالي واري جاءِ جا ننڍڙن ٻارن کي چٽي ڏسبي آهي. چاڪاڻ ته اُنهيءَ هنڌ تي هڏي جو پوش تن سالن بعد ٽهندو آهي) — تالُونْ (ل) — تارَڪ (ڪ). وات جي اندران يا نڙيءَ جي نلي جي مٿان واري چوٽي — ڪاڪڙو. اُٺ جو ڪاڪڙو يا زبان (جا مستيءَ وقت ٻاهر ڪڍي) — دِلِي (ت). هُرلي يا نار جي نڙ جو اُهو پاسر جو نريءَ جي سامهون هجي.

— **تارُون ڪڍڻ (ڪ):** اُٺ جو سياري جي مستيءَ وقت گُڙي تارون ڪڍڻ.

— **تارُونُ ڪٽڻ:** (ٻار يا وڏي جو) ڪريل ڪاڪڙو مٿي ڪرڻ (علاج يا سات ڏيعي). ڪنجوسي ڏيکارڻ.

— **تارُونُ هڻڻ:** اجايو گوڙ ڪرڻ — اجايو مغز هڻڻ. مٿو هڻڻ — بڪواس ڪرڻ.

• **تارُوئڙو ج تارُوئڙا:** ذ. پاڻيءَ جي سطح تي هڪ قسم جو ٽڪو ترندڙ جيت (ڪاري رنگ جو. وڏين سنهين ٽنگن سان) — پاڻيءَ ماکوڙو — تارِيئڙو — شَهُتارو.

• **تارِيئڙو ج تارِيئڙا:** ذ. تارُوئڙو — شَهُتارو.

• **تاري:** ث. [تارڻ (= مصيبت مان ڪڍڻ، بچائڻ) > تارِيُ = بچاءُ] آهَر — آڌار. وسيلو — سهارو. پروسو — آسرو. مدد — واهر. پاڇه — مهر "جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ ٽڪي تنهنجي" (شاهه). سِڙهه جي دامن واري رسي (جنهن جي آڌار تي دامن کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي سڀائي واءُ سامهون ڪجي). پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٻانهن جو لامارو.

— **تاري ٽِڪائڻ:** پنهنجي لطف ۽ مهر سان هلائڻ.

— **تاريءَ ٽِڪڻ:** سهاري تي جيئڻ. آسري تي هلڻ.

• **تاري:** ث. پچار — يادگيري "سدا آهي، سبحان جي تن اندر تاري" (لطف الله قادري).

• **تاريخُ ج تاريخُون:** ث. [ع. اَرّخَ (= ڏينهن لکڻ) > تاريخ] مهيني جو هڪ ڏينهن — ڏينهن — روز. مقرر ڪيل ڏينهن. تڏهه خط يا پٽي ڪنهن به ڪاغذ يا دستاويز تي جاڏايل ڏينهن. مهينو يا سال. هڪ واقعي کان پٽي واقعي تائين مقرر ڪيل مدت. روزانو لکيل احوال. ماضيءَ جي واقعات جي يادداشت. ماضيءَ جي واقعات جي يادداشت بابت لکيل ڪتاب "تاريخ سنڌ"، "تاريخ طبري". واقعات جي يادداشت جو علم — علم التاريخ — History. بادشاهن ۽ واقعن جو تذڪرو.

— **تاريخوار:** ظرف. تاريخ مطابق. روزانو. سلسليوار.

— **تاريخي:** صفت. تاريخ جو — تاريخ سان واسطو رکندڙ.

• **تاريخي واقعات:** ذ. تحرير ۾ آيل واقعا. مشهور واقعا. سچا واقعا.

— **تاريخي يادگار:** ذ. ڪنهن مشهور واقعي جي يادگيريءَ ۾ قائم ٽيل نشان.

• **تاريڪُ:** صفت. [ف] اونداهو. ڪارو.

— **تاريڪي ج تاريڪيُون:** ث. اونداهي. ڪاراڻ — سياهي.

• **تاريڙ:** ث. ٻيڙيءَ جو اوزار — سِڙهه جي دامن جي ڪائي.

• **تاڙ ج تاڙُون:** ث. [تاڙڻ (= جاچڻ) > تاڙ] جانچ — چڪاس. چوڪسي. نظرداري. [تاڙي، تاڙ = بندش] گهُٽ — اَبس — مونجهه — اَڪرس. اَڻاٽ. ڪوٽ — ڪمي — گهٽتائي. دروازي جي تاڙي (ت). ڪجور جي وڻ جو هڪ قسم. ڪجي. تاڙ.

— **تاڙ ٽوڙ ڪرڻ:** ڳولا قولا ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ.

— **تاڙ ڏيڻ، ڪائڻ:** گهَنجڻ — ڪٽڻ.

— **تاڙ ڏيئي وڃڻ، هٿي وڃڻ:** ڪٽي وڃڻ — گهنجي وڃڻ.

— **تاڙ رکڻ:** چوڪسي رکڻ. نظرداري ڪرڻ. خبر رکڻ.

— **تاڙ ڪرڻ:** جانچ ڪرڻ — نظر ڪرڻ. چوڪسي ڪرڻ.

• **تاڙ ج تاڙيون:** ث. ڪجي جو وڻ.

• **تاڙُ ج تاڙُ (ل):** ذ. اُها مهار جا ناڪيليءَ جي بدران اُٺ جي ٻوٽ ڪي ٻڌي ڪنڌ مان ورائي جهلجي. بنا ناڪيليءَ جي اُٺ کي ٻوٽ ۾ ٻڌل مهار. اُٺ کي ٻڌل ٻوٽاڙو. ٻوٽاڙي جو رسو. تاڙُ [سن. تَلْ = ٻه شيون ٺهڪائڻ] تاڙي (هٿن جي). جهيڙو — گوڙ (تاڙين جو). زالن جو جهيڙو — ٻائيتال. طاق. ڪاٺ جي پٽي (جا در جي طاقن بند ڪرڻ جو ڪم ڏئي) — تاڙو.

— **تاڙُ ٽپو:** ذ. زنانو جهيڙو. ناڇ جو هڪ قسم. تاڙين سان ناڇ. هنبوجي.

— **تاڙُ ڇوهڻ:** ڪنن تي تاڙيون ڇڙهڻ — ٻوڙاڻ جو اثر ٿيڻ.

— **تاڙُ ڏيئي وڃڻ:** تمام ٿڪڙو نڪري وڃڻ. گوهي ڪري وڃڻ. هيڏانهن هوڏانهن گوهيون ڪرڻ. اُبتو سبتو پڃڻ.

— **تاڙُ ڪائڻ:** ٽيڙ ڪائڻ (بندوق جي گولي). گُسي وڃڻ. وهڪرو ڦيرائڻ (درياءَ جو).

— **تاڙُ هڻڻ:** تاڙي هڻڻ (جهيڙي ۾). جهيڙو شروع ڪرڻ. گهٽو گوڙ ڪرڻ. هڪٻئي کي طعنا مهٽا ڏيڻ. اُٺ کي نڪ جي مضبوط مهار وجهڻ.

• **تاڙَمُ (ل):** ذ. ملم پٽي (جا قٽ کي ٿاري). دوا درمل ــ علاج.

• **تاڙڻ:** مصدر. ٽيٽ ڪرڻ. تائڻ ــ جاچڻ ــ ٽڪڻ. نهارڻ. ڇڪاسڻ ــ وڙڻ. نظر ۾ رکڻ. دروازي کي ڏَڪَ ڏيڻ ــ ڏَڪ هڻڻ. (تاڙيو ــ تاڙيندو ــ تاڙيل).

ــ **تاڙي ڇڏڻ:** جانچي ڇڏڻ ــ ڏسي ڇڏڻ.

• **تاڙ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم (اڪثر ڏنڊي ۽ ٽلاڻن جي ڪپن تي ۽ سارين جي پوک ۾ ٿئي. ٽندون ڏکيون ۽ گرڊار گاجري وانگر).

• **تاڙ ج تاڙا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (هي پکي سينهوگيءَ جي موسم ۾ ڏسڻ آهي. ڪال ڪڇيءَ کان سوا ۽ ٻڄ ۾ انهيءَ کان ڏڪهه. رنگ ڪاريڙو ۽ پاسن ۽ پڇ وارا ڪي ڪنب 'ڪبر' وانگر اڇا. سينهن جي سڄي منڊ ۾ ٽنوارندو رهندو آهي) ــ سينهن ــ پپيهو (ه) "تاڙي جي ٽنوار، منڊ مڙيئي سينهن جي". "آريون ابر آسري، تاڙا ٽنوارين" (شاهه). وڏي طاقائين در کي اندران ڪاٺ جو ڪڙو. تالو ــ جندو ــ ڪلف. نار جي هڪ ڪاٻي جا 'ڪاجڙ' جي جهڙ جو ڪم ڏئي. مهڙي جهڙي ڪاٻي جنهن سان پچارا. پڇڙ جي زهه ڪي ڏڪ هڻي ڪپهه پڇيندا آهن. ٻيڙيءَ جي ڪڇي کي مضبوط ڪرڻ جي ڪ'ي.

• **تاڙو ج تاڙو:** ذ. صفت. [تاڙڻ > تاڙو] ٽيٽيندڙ ــ جانچيندڙ. [تڙڻ > تاڙ] تڙيندڙ (گهوڙن جو).

• **تاڙو:** ذ. ڪجيءَ جو نر وڻ.

• **تاڙي ج تاڙيون:** ث. [سن. تَلّ = ڪي به شيون ٺهڪائڻ] هٿ تي هٿ هڻڻ جو عمل. بن هٿن جو ٺڪاءُ. [سن. تالَکَ] در کي بند ڪرڻ واري ڪاٺ جي پٽي (جا اندران ڪڙي بدران ڪم اچي) ــ تاڙو. طاقي ــ تختي (دريا دريءَ جي). رنڊڪ ــ بندش ــ پردو "تاڙي جي لاهي، ته منجهين مشاهدو ٿئي" (شاهه). [سن. تالَ] ڪجيءَ جو رسُ يا ڪير (جو نشيدار آهي ۽ ماٺهو پيئندا آهن). نار ۾ ڪم آيندڙ هڪ ڪاٻي ('شاهه ونگن' جي پاسن ڪان ٻيا ونگ گڏجن ٿا. جن مان باهرين پاسن وارن کي 'ڇاڙا' ۽ اندرئين پاسي وارن کي 'تاڙيون' چون). چرخي يا آيت جي چڪر جي هڪ ڪاٻي. جند جي مٿئين پڙ ۾ پيل ڪاٻي (جا ڪيڙ تي ٻيهي ۽ پڙ کي قيرائڻ ۾ مدد ڪري) ــ مڪڙي. جهرٽي جي جيريل ڪاٻي (ت). ٻڪريءَ جي پڳل تنگ کي ٻڌ ڏيڻ جي ڪاٻي (ڪ) ــ ڇپر. ڪجيءَ جو گوشو.

ــ **تاڙي جهيڙو (ت):** محاورو. زنانو جهيڙو.

ــ **تاڙي لڳڻ:** هٿ هٿ تي لڳڻ. جهيڙو ٿيڻ.

ــ **تاڙي هڻڻ:** سودي يا سٽي ۾ هٿ تي هٿ هڻي وعدو پڪو ڪرڻ. ڪ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ (زالن يا ڪڙڻ جو). هٿ هٿ تي هڻي راند شروع ڪرڻ ــ ڏاڙو ڏيڻ. دلال جو سودي ڪرائڻ وقت آخري واڪ ڏيڻ.

ــ **تاڙيون ٽوڪڻ:** ٺلها هٿ رجائڻ ــ هٿين خالي ٿيڻ. بنا ڪنهن ڪم ڪار جي واندو وينو رهڻ. تاڙيون وجائڻ.

ــ **تاڙيون کيڏڻ:** بند خلاص ڪرڻ ــ آزاد ڪرڻ.

ــ **تاڙيون وجائڻ:** خوشيءَ وچان يا شاباس ڏيڻ وقت تاڙيون وجائڻ. واهه واهه ڪرڻ. ڪنهن تي ٽوڪ طور خوشي ڪرڻ. خوار ڪرڻ. هلڪڙائي ڏيکارڻ.

• **تاڙيُون:** ث. 'تاڙي' جو جمع. ڪجيءَ جا گوشا (جن ۾ ڪجيون پيدا ٿين).

• **تازگي:** ث. [ف] ساوڪ ــ سبزي. تازائي پاڻهه ــ سجراڻي. طراوت ــ مزو ــ لطف. خوشي ــ سُرور.

• **تازندگي، تازسيت:** ظرف. حياتيءَ تائين ــ عمر پر.

• **تازو ج تازا:** ذ. صفت. [ف. تازه] سائو ــ سبز. سرسبز ــ آلو ــ نئر. شجر. خوش ــ چڱو پلو. (ظرف) ٿوريءَ دير جو ــ هاڻوڪو. (ث) تازي ج تازيون.

ــ **تازائي:** ث. تازگي.

ــ **تازو توانو:** ذ. صفت. چڱو پلو ــ نوبنو. ٽلهو متارو ــ تندرست.

ــ **تازو توانو هجڻ:** چڱو پلو هجڻ.

ــ **تازو ڪرڻ:** سجر ڪرڻ. ڪُڦي کي پسائڻ ۽ اَن ۾ نئون پاڻي وجهي چڪڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

ــ **تازُه:** صفت. [ف] تازو.

• **تازه:** صفت. [ف] تازو.

ــ **تازه به تازه:** صفت. تازو ئي تازو. نوبنو.

ــ **تازه تَرين:** صفت. ٽڪ لٽل. جُست.

ــ **تازه دَم:** صفت. ٽڪ لٽل. جُست.

ــ **تازه دم ٿيڻ:** ٽڪ پڇي تازو ٿيڻ.

• **تازي ج تازي:** ذ. [ع. ف] گهوڙي جو هڪ قسم ــ عربي گهوڙو "تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا" (شاهه). ڪتي جو هڪ قسم ــ شڪاري ڪتو (ڊگهين ٽنگن سان. سنهون لاڻيارو جو نهايت تڪو پڇي). (صفت) [ف. تاختن (= تڪو ڊوڙڻ) > تازي = تڪو ڊوڙندڙ] تڪو ــ تيز.

• **تازيانو ج تازيانا:** ذ. [ف] ڇهبڪ.

• **تاس:** ث. [سن. تُرْش = اُجائڻ] اَڇ ــ تهه. اساڻ. [ف. تاسه = پيٽ واري زال جي ڪنهن شيءِ ڪائڻ لاءِ ڇڪ) > تاس] ڇڪ ــ ڪشش. اُڪير ــ سڪ. ٻاڙ ــ نشو. [ع. طاس = سنئين ٽالهي] سڏائي ــ سنوت ــ هڪجهڙي سطح (ت).

ــ **تاساري، تاسيارو ج تاسارا، تاسيارا:** ذ. صفت. اُجايل ــ ڏوگهيل.

– **تاساري، تاسياري ج تاساريون، تاسياريُون:** ث. اَجائبي – اَجايل. "تاسياريون ترَن تي ساريو ٿا ساڃين" (شاه عنايت).

– **تاسِرُ:** ذ. صفت. تاسيارو.

– **تاسِ ونڊ:** زمين جي سطح سنئين ڪرڻ – سنوٽ ونڊ ـ سَنڊرَڻ.

– **تاسِي ج تاسِي:** ذ. صفت. اَجايل.

• **تاسُ ج تاسُونْ:** ث. [ع. طاس > فـ. تاس = پتا] پاڻجاهه پٽڻ جو مجموعو – پتا (٥٢).

• **تاسْ:** ذ. [ع. اَطلَس = ڳوڙهو ڳاڙهو. ريشمي ڪپڙو] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم – اَطلس. [ع. طاسَ = ٽالهي] تامي يا جست جو ٽالهه (ت). ديڳ جو ڍڪ (ت).

• **تاس رپ:** ث. انڊلٽ "تڪي تهاري تاس رپ ڪڙن واڌو ڪيس ڪران" (ملان خوشحال ڪتي).

• **تاسا (ت):** ذ. [ع. اَطلس > طاسا > تاسا] ڪپڙي جو هڪ قسم – سلڪ – بوسڪي – تَسريت.

• **تاسِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. تَرِشْ = اَڇائجڻ] اَڇائجڻ – ڏوگهجڻ – اَجو ٿيڻ (تاسيو – تاسبو – تاسيل).

• **تاسِرو ج تاسِرا:** ذ. [ع. طاسَ = ٽالهي] ڪنجهي جو لَسي تري وارو تراڪڙو ٽاڻ، (خصوصاً وتو). ويڪرو ۽ پوئتي ورپل سڳن وارو ڍڳو.

• **تاسِري ج تاسِريُون:** ث. ڪنجهي جي تراڪڙي وَٽي يا ٽالهي.

• **تاسُفُ:** ذ. [ع] افسوس – ارمان – ڏک – رنج – حسرت. پڇتاءُ.

• **تاسِيرا ڏيڻ (ث):** بندوقن توپن سان دشمن تي گولا وسائڻ.

• **تاسِيرو ج تاسِيرا:** ذ. صفت. پاسيرو. لاپڙيو. اَبتو.

– **تاسِيرو ڏڪُ:** پاسيرو ڏڪ ترجو ڏڪ – لاپڙيلو ڏڪ

– **تاسِيرو ڏيڻ:** ڪُهاڙيءَ جو پاسيرو ڏڪ هڻڻ.

• **تاسِيسُ:** ث. [ع] بنياد – پيڙهه – اِساس.

• **تاسِيلو ج تاسِيلا (ت):** ذ. [١. ع. اَطلس. ٢. تَسر > تَسل] ڪپڙي جو هڪ قسم – سُوسي – گيگر.

• **تاغِيرُ:** ذ. [ع. تَغَيّر جو بگڙيل اُچار] قيرقار – تبديل.

• **تاشْقَنْدُ:** اسم خاص. [ترڪي] روسي ترڪستان جو هڪ شهر.

• **تافِتو:** ذ. [فـ. تافتَهْ = ريشم مان اَٽيل ڪپڙو] ريشمي لسي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **تاڪ ج تاڪُونْ:** ث. [فـ. تاپڙ = ٽڪر جو ٽڪرو] لسو تختو. ٽڪيل ويڪري مانيءَ. [فـ. تاپه = چيٿرو] وڏو چيٿرو. [ع. طاق = دري] ٻيڙيءَ جي ڳڻ جي جاءِ تي ڳڙهه وٽ لڳل پتي – مَنارو. [ع. طاق = نيلو گنبذ] نيلَ جي جهل لاءِ ان ۾ پيل سيخ.

• **تاڪُرو ج تاڪُرا (ڪ):** ذ. صفت. [فـ. تاپو = ٽڪر جو ٽڪرو] ويڪرو – تراڪڙو – واڇرو – موڪرو. (ث) تاڪُڙي ج تاڪُڙيون.

• **تاڪِ ج تاڪا:** ذ. [فـ. تاپڙ. ع. طاق = دري] هُرلي، نار يا ائٽ جو هڪ عضو. اُها ڪاٺي جا ڊينگي جي آڇين سامهين ونگڙين کي ڳنڍي ۽ جنهن ۾ تير ڪنل هجن. اهو تختو جو چڪر جي وچ ۾ پيل هجي (جنهن منجهان ٿُهرو نڪتل هجي). وڏي چڪر ۾ پيل ڪاٺ جي ٽلهي ڦرهي. ڪپڙن ٽنڊن جي سونٽي.

• **تاڪُ:** ذ. [ف] انگورن جي ولي (واري سبزي) "باغ جهري جي ڏاڇي تشبيه جي ميخانه سان. سبزهءَ خطِ گهٽ نه آهي دار ست تاڪ کان" (واصف).

• **تاڪ:** ث. [تڪڻ. تاڪڻ > تاڪ – تڪڻ جو عمل – نظر – نگاه ـ تاڙ – جانچ – تيٽ. موقعو – داءُ. ڳولا تراڪ. لالچ – لوپ.

– **تاڪاڙُو ج تاڪاڙُو:** ذ. صفت. تڪيندڙ. ٻئي جو مال تڪيندڙ. لالچي – حريص – طمعي.

• **تاڪ:** ذ. [ع. طاق = دري] ٻيڙيءَ جي پاڇيل ۾ لڳل دري (جنهن ۾ سامان رکجي) – جارو. [ع. طاق = گولائون خال] تيل يا گيهه وجهڻ لاءِ چمڙي جي ڏَبي – پٽاڙي. ڏسو "تاڪي".

• **تاڪِجَڻُ (ل):** فعل مجهول. [ع. طاق (= دري) > تاڪِي (= دري) > تاڪِجڻ = دريءَ جو بند ٿيڻ. پورجڻ] نَپ ٽرڻ – حيران ٿيڻ هراسجڻ.

• **تاڪُلُ:** ذ. [ع] ڪائڻ – کاڌو.

– **تاڪُل ڪرڻ:** ڪائڻ – واپرائڻ.

• **تاڪُنُ ج تاڪِڻُ:** مصدر. [سن. تَرَكْ = ڏسڻ] تَڪڻ – جانچڻ. لالچ ڪرڻ – لوپ ڪرڻ. حرص ڪرڻ. چڌڻ – ترڪ ڪرڻ. (تاڪيو – تاڪيندو – تاڪيل).

• **تاڪِڻُ:** مصدر. [ع. طاق = دري] در جو طاق بند ڪرڻ – در بند ڪرڻ. تاڪيون ڏيڻ. پورڻ.

• **تاڪِڻُ، تاڪُڻُ:** مصدر. چيست ٻڌڻ – نظر رکڻ. هڪ ٽڪ نهارڻ. تاڙڻ. گهورڻ. ڳولڻ – تلاش ڪرڻ.

• **تاڪُو ج تاڪُو:** ذ. صفت. تڪيندڙ – تاڪاڙُو. حريص – لوبي – لالچي – طمعي. شڪار ڪرڻ لاءِ اڪيون پائي ويٺل – شڪاري "موٽ محب پاهون، تاڪُن تَڪي آهيان" (شاه).

• **تاڪُونْ (ت):** ظرف. [فـ. تا (= تنهن وقت، تائين) + ڪُونْ (= ڪڏهن)] تڏهن کان – تڏ هانڪر.

– **تاڪُونْ لاڪُونْ:** ظرف. کان ونئي – تنهن وقت کان ونئي.

• **تاکي ج تاکيُون:** ث. [ع. طاق = دري] نندو تختو – تختي. دريءَ جو طاق. دري. ڪنهن ڇوڪٽ جي پاسي واري پٽي. ڪاٺ جي قنيل ڪاٺ جي مستطيل پٽي. تاکين جي ٺهيل پٽي. انّ جي انداز لهڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي. سليٽ جي پاسي واري پٽي. بيل گاڏيءَ جي منجيءَ ۾ وڏل تختو. پاسي وارو هڏو – پاسراٽي. پارو (زمين جو). ڪاٽي ڪڍڻ لاءِ زمين جي ماپيل پٽي. ڪاٽي ڪري کوٽيل ٽري (ڏگهي مستطيل پٽي). پٽ ۾ ڪليل چورس يا مستطيل ڳڙڪي. جارو. تاس جو هڪ پٽو. ڇر جي ڏَبي (گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ) ـ پتاڙي "گيهه تپايو. تاکِيَن پايو. ڪين وسراٽن کي وٺ" (سانوڻ).

• **تاکِيْدَ ج تاکِيْدَ:** ذ. [ع] حڪم – فرمان. ورجايل جوڙ – چتاءَ. تنبيهه (ڪم جلدي ڪرڻ. نہ ڪرڻ. يا ضرور ڪرڻ بابت). تقاضا – زور.

– **تاکيداً:** ظرف. تاکيد سان – تنبيهه سان.

– **تاکيد ڪرڻ:** چتاءُ ڏيڻ. حڪم ڏيڻ. تنبيهه ڪرڻ. وري وري چئي زور وجهڻ.

• **تاکيد نامونْ:** ذ. حڪم نامون. منع نامون. دب نامون.

• **تاکِيو ج تاکِيا:** ذ. [۱. ع. طاق = اندران تهه ڏنل يا استر ڏنل ڪپڙو. ۲. ع. طاق (= دري) > ف. دو طاق (= بيٺو). سه طاق (= ٽيٺو) > تاکيو = تاکيون تاکيون ٽيل. تهه تهه ٽيل. ۳. ع. طاق > ف. طاقه = هيڪوٽو ريشمي ڪپڙو] يڪ پَري آڌاڻ (ڪپڙي يا قالين جي). ڪپڙي جو ٽاڪُ [ع. طاق = گولائون خال] گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ جر جو ڏهو (ل. ث) – تاڪ.

• **تاک ج تاکُونْ:** ث. صفت. [ع. طاق = تهه ڏنل. استر ڏنل > تاک] پختي آزمودگار عورت. پوڙهي زال. واتراڙي رن – جهيڙاڪار عورت (ث) وڏي، ويکري ۽ تانگهي ڪوڏي.

• **تاکَ (ت):** ذ. صفت. چالاڪ مشهور.

• **تاکِڙَ (ت):** مصدر. ٻ تي ڏِڪيون. مينهون ۽ ڪريون ڏهي ٽورو ڪير گڏ ڪرڻ – پڙهوئي ڪرڻ.

• **تاکِڙو ج تاکِڙا:** ذ. صفت. تانگهڙو – تراکڙو. (ث) تاکِڙي ج تاکِڙيون.

• **تاکِڻُ (ت):** مصدر. جفاڪشيءَ سان ڳولڻ. ڪوشش ڪرڻ. تانگهڻ. (تاکيو – تاکيندو – تاکيل).

• **تاکو ج تاکا:** ذ. صفت. تانگهو. (ث) تاکِي ج تاکيون.

• **تاڳاتو، تاڳاپو:** ذ. [سن. ڏَگَنَ < تگيا = سهڻ] تگا، جيابو – گذران. اُجهو ـ آسرو "آءٌ ڪريان ڪاپو، ڪنبان گهٽو. مون کي تنهنجو تاڳاپو" (يوسف موندرو).

• **تاڳَرو ج تاڳَرُوْنْ (ڪ):** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو – ٻَسُونْ جي مٿان ڏيکهه ۽ بينل ڪائيون. درياءَ جي ٻيڙيءَ جي پُٺ.

• **تاڳَڻُ:** مصدر. ڏاڳي سان گُنڍڻ. تويو ڏيڻ. تاڪا ڏيڻ. سِبَڻُ. (تاڳيو – تاڳيندو – تاڳيل).

– **تاڳي:** صفت. ڏاڳي سان سبيل.

• **تاڳو (ل):** ذ. ڇيهه – دنگ – ڪاٽو.

• **تاڳي:** ث. رات "شب شام شف تامس تاڳي بهنب انس" (ڏهس).

• **تاڳهاتو (ڪ):** ذ. ڪوشش – سعيو. سبب – ڪارڻ. تاکيد.

• **تالُ ج تالْ:** ذ. [سن. تال] گهاٽو وڇائڻ جو وڻ (سازن جي پوري وڄت سان). وڄت (ساز جي). تارُ. ساز جي لئي. مجرو – ناچ. وڇائڻ جون ٽالهيون (جي طبلي يا ڊولڪ سان گڏ وڄائجن). دهل جو مُنهن وارو جمڙو. ديگ يا ديڳڙي کي وڏل نئون ترو (تر سڙي وڃڻ سبب). هٿن جا ناڙا ڦند. گُر. هڪڙ. انگل – ناز – نخرو. چالاڪي – ڪيڏ. بهانو – مُنْهُن – عذر (ت). ڊونگ. زنانو فن يا هنر (هر ڪائڻ لاءِ) – عشوه ـ غمزو.

– **تالارو (ث):** ذ. صفت. تال ڪندڙ – گيگي – ڊونگي.

– **تال تاڙي ڪرڻ (ت):** جهيڙو ڪرڻ – تاڙي هڻڻ.

– **تالُ ٽُول، تالُ تِيڇالُ، تالُ پَهالُ:** ذ. ناز نخرا – انگل آرا. ٽٻ ٽٻاءِ. گُنسَ گُنساءِ. عذر بهانا. مڪر فريب.

– **تالِرُ ج تالِرَ:** ذ. تال ڪندڙ. نخرياز – نخريل. چالاڪ. ڪيڏاري. بهانا ڪندڙ.

– **تالُ ڪرڻ:** نخرا ڪرڻ – انگل ڪرڻ. مڪر ڪرڻ. بهانا ڪرڻ.

– **تالُ مُولُ گهر ڪرڻ:** حواس گم ڪرڻ. واڙو ڪرڻ – حيران ڪرڻ.

– **تالُ ميلُ:** ذ. اتفاق – بڌي – ميلاپ.

• **تالابُ ج تالابَ:** ذ. [ف] تلاءُ – سر – ڪُنبو.

• **تالابين:** ذ. صفت. [ف. ته و بالا = هيٺ مٿي: سن. ثَلَپ = هيٺ مٿي ٽيڙ: ع. ثَلَف = تباهي. نقصان] حيران – سرگردان – پريشان. منزل تان ڪريل – عهدي تان لٿل "ڪئين سي ناتر نيهن نهوڙيا. ٽيا تختشون تالابين" (راجن شاهه).

• **تالان:** ذ. صفت. [ف. تالان = لُٽ. قر. تباهي] اُجڙ – تباهه. ويران. حيران – پريشان – وياڪل.

– **تالان ڪرڻ:** تباهه ڪرڻ – سُڃ ڪرڻ. ڌاهڻ – ڦٽائڻ. خوار خراب ڪرڻ.

– **تالان والانْ ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – تباهه ڪرڻ. حيران ڪرڻ. چڙوڙڻ ڪرڻ (ت).

• **تالبَنْدَ ج تالبَنْدَ:** ذ. [هـ تال (=هڪ وڻ جو پن جنهن تي لکجي >

پتو) + بند (= بند ڪرڻ) = پنوتري بند ڪرڻ] جمع ۽ خرچ جو اُتارو، حسابي اختصار، حساب ڪتاب جي جاچ پڙتال جو اختصار، حساب ڪتاب.

- **تالڙو ج تالڙا (ک):** ذ. صفت. ٿلهڙو، تراکڙو، پاترو ــ ويڪرو (ٿانءُ).
- **تالِسَر:** اسر خاص، ٽر ۾ هڪ ڏهرجو نالو.
- **تالُ مَخالي تالُ مَکالُ:** ذ. پساريڪي وکر جو هڪ قسم ــ هڪ پوتي جا پن (گز ڪن ڏڳهو ٿوٿو، پن تلسيءَ جي پنن جهڙا، لعابدار ٿئي، پاڻيءَ جي پرتي ٿئي).
- **تالو ج تالا:** ذ. [ه] ڪلف ــ جندو (ت). (ذ. صفت) [تلهو > تالو] ويڪرو ــ تراکڙو (ا).
- **تالوجاڙهڻ:** ڪلف ڏيڻ، بند ڪرڻ.
- **تالوڏيڻ:** ڪلف ڏيڻ، بند ڪرڻ ــ قابو ڪرڻ.
- **تالور ج تالور:** ذ. سيلابي ونڊ ــ وندر. ٽلاءُ "تڙڳي ٿي تالور ۾ ، هيءَ ميرِ بحر منجهن" (صديق). ڏورو.
- **تالهِڙو ج تالهِڙا:** ذ. صفت. تانگهو ــ تراکڙو (ٿانءُ).
- **تالِي ج تاليُون:** ث. [سن. تالِيا] ڪنجي ــ جابي.
- **تاليف:** ث. [ع. اَلَف > تاليف = ڪتاب مرتب ڪرڻ] ڪتاب مرتب ڪرڻ، مضمون گڏ ڪري ڪتاب جوڙڻ. جدا جدا ڪتابن جي انتخاب مان نهيل ڪتاب.
- **تاليف قُلوبُ:** محاورو. [ع. اَلف بَين = گڏڻ، ملائڻ] ماڻهن جي دلين کي گڏ ڪرڻ. الفت پيدا ڪرڻ.
- **تاليو ج تاليا:** ذ. [ع. طَلَعَ (= مٿي ٽيڻ، مٿي وڃڻ) > طالع (= مٿي ٽيندڙ) > طالعو. طالع = مٿي جهليندڙ (رسو)] ٻيڙيءَ جو هڪ رسو ــ ڪوهي جي شيخلي کي پاسن کان مضبوط ڪرڻ وارو رسو ــ طالِعُ.
- **تامَ:** صفت. [ع] مڪمل ــ پورو.
- **تامَر:** ث. [ع. ظُفُر = هيٺ مٿي تپا ڏيڻ. زخم، سوج] اُنڌ ماڌ ــ چورا ڪورا "جنهن ڪون تامر برهه دي لڳي" (روحل).
- **تامَس:** ث. [سن. تَمَس] رات "تڙڳي، تهاري، تامني، تمهر، تامر، تَمَس" (ڏهسنامر).
- **تامَس:** ث. ڪاوڙ ــ ڏمر، ڏمو "تامش".
- **تامس:** ث. رات "شب شام شف تامسر تاڳي پهنب انس" (ڏهس)
- ــ **تامسي:** صفت. ڪاوڙيل ــ ڏمريل.
- **تامَش ج تامشُون:** ث. [ف. تابَش > تامَش] گرمي ــ تائڙي، ڪاوڙ ــ چڙ، ڀيڪي.
- **تامشي:** صفت. ڪاوڙيل.
- **تامُل:** ذ. [ع] سوچ ــ ويچار، غور، انديشو، دير ــ ڍر.
- **تامني:** ث. اُونداهي رات "تڙڳي، تهاري، تامني، تمهر، تامَر، تَمَس" (ڏهسنامي جي ٽڪ جنهن ۾ رات جا مختلف نالا ڳڻيل آهن).
- **تانْ:** ظرف. [ف. تا > تانْ] وقت جي حد تائين ــ وقت جي پڇاڙي تائين ــ نيٺ "تان جو رات پٽجي وئي"، "تان جو ڳالهه کلي پئي". نيستائين ــ ايتري تائين "تانْ ڪي وٽن ويهه، جانْ ڪي آهن جُوءِ ۾" (شاهه)، تنهن وقت ــ تنهن ويل (جي معنيُ ۾) "جانْ ڏسان، تانْ ناهه پرين". انهيءَ وقت "ڏوڙيو تانْ رسيو". [تان = تيشن] تيشن جي معنيُ ۾ 'جانْ' سان گڏ ايندڙ حرف "جان تان ڪري ڪيس مجايم" (= جيئن تيئن ڪري ڪيس مجايم). (حرف جر) [اُتان (= مٿان، سِر تان، اُتاهين تان، جوتيءَ تان) > تان (مخفف)] سِر تان ــ جي مٿان ــ مٿان "آن تان حرف هرو، مُوراهين معاف ٿيو" (شاهه)؛ "ساهه سڄڻ توتان، گهوڙٽون گهور گهمائيان" (سگهڙ)، جوتيءَ اُتان "پت تان ڪري پيو"، "چت تان لڳائين". سطح اُتان "پت تان ڪنيائين". هنڌان ــ ماڳان ــ وتان (جي معنيُ ۾) "ڏڪان تان ٽي ٽو اچان". ڪان اچي معنيُ ۾) "ان ڳالهه تان هٽي وڃ"؛ "مقدمي تان هٽ ڪنيائين". "پنهنجيءَ تان نه مڙيو"، منجهان ــ مان ــ وڃان (جي معنيُ ۾، "ڪتاب تان لکيم"، "رات تان موتي ويو". سببان ــ جي ڪري ــ ان ڪري (جي معنيُ ۾) "ڇا تان ڪاوڙيو؟" "چوريءَ تان سزا ڪاڏائين"، "ڏري تان گُسي ويو". تَ (تفسير جي معنيُ ۾) "مان تان ڪين اُتون، هُو ڪجاڙي ڪي ڪيچ ويا!"؛ "نبرويڙ، شاهنواز چئي، مان تان ڪونه گيون"؛ "لڳي تان لک ٿئي". (تاڪيد ۽ تمنا جي معنيُ ۾) "گڏ گذاريون ڏينهڙا، قسمت جا ڪي تان" (سگهڙ). (حرف جملي) ت ــ ت پوءِ "پلائي ڪندين، تان پلو تنهنجو ٽيندو"، "پڳو تان چنو". ت ــ پڻ "گهڙو پڳو ته گهوريو، پڇي تان ته گهڙي" (شاهه). اڃا ــ البت "پڳو آءٌ جوان، ماريو تان وسهان" (رسالو).
- **تانْ ج تانُون:** ث. [ف. تان = وات جو اندريون پاسو] گائڻ جي هڪ هُنر جو نالو. راڳڻيءَ مطابق سُرن جي سلسليوار لاهي يا جاڙهي وڃڻ لهردار آواز (نڙي توڙي ساز جو). نڙيءَ يا تارون منجهان هنيل پلٽو. پلٽو. هڪ ڪان وڌيڪ سُرن جي هيٺ مٿي گائڻ جي حالت. هيز ... عادت (ث).
- ــ **تانِرُ ج تانِرَ:** ذ. صفت. تان هٽندڙ، نحريباز.
- ــ **تانْ هٽڻ:** سُرن جي لاهي جاڙهي کي لهردار آواز ۾ ادا ڪرڻ. پلٽو هڻڻ.
- **تانائو:** صفت. تان هٽندڙ (راڳائي) "الٽي لات الپ، تانائن جي تند

م (خانزئي).

• **تان تان:** ظرف. تيسين تائين.

• **تان جان:** ظرف. تان جو — تہ پڻ اچان.

• **تانُتو ج تانُتا (ث):** ذ. تڪرار — معاملو.

• **تانُتو نہ ڇڏڻ:** تڪرار نہ ڇڏڻ. جند نہ ڇڏڻ.

• **تانُدُورو ج تانُدُورا:** ذ. [سن. تَنْدُ] تَنْدو. ڏاگو (سُٽ يا ريشم جو). ڪنهن وڻ، ٻوٽي يا وَل جو ڏاڳي مثل سنهڙو گوشو. سنهڙي ڏاڳي مثل پاڙ.

• **تانُدُوڙو ج تانُدُوڙا:** ذ. تانُدُورو.

• **تانُسين:** ظرف. تنهن وقت تائين — تيستائين. تنهن هنڌ تائين.

— **تانُسين تانين:** ظرف. تيستائين تانسين.

• **تانسين:** اسم خاص. اڪبر بادشاهه جي درٻار جي مشهور گويي جو نالو.

• **تانُڪون (ت):** ظرف. تنهن وقت کان — تڏهانڪر.

• **تانگ:** ث. تانگهه — سيڪ.

• **تانگهه ج تانگهون:** ث. سڪ — اڪير — اڪند. چڪ — ڪشش — ڪاوڙ. "دل هٿي کي ٻهلا ٻارا تنهنجي ٻاڻ. رات ڏينهان تن ۾ تنهنجي تانگهه تاڻ". گهرج — ضرورت — طلب. لاڙو — رجحان. پرواهه. انتظار. واڌُ. رَسي. نوڙي، پاڻي، ماپڻ جي. [ف. تَگ = پاڻيءَ جو ترو] پاڻيءَ جي تانگهائي — پاڻيءَ جو عُمق — اونهائي "تانگهه نہ لڌي تارُئين، ڪپ نہ مانيئڙن (شاهه). پچاڙي — پڇاڙي "مانگهه. سياري ڏني تانگهه" (جوٽي).

— **تانگهه ٻلڻ:** سڪ ٻلڻ. آسرو ٻلڻ. خيال لاهي ڇڏڻ.

• **تانگهائڻ:** مصدر. اڪيرڻ — اڪندڻ. ڪنهن طرف تاٽائڻ. واجهائڻ. انتظار ڪرڻ.

• **تانگهڻ:** مصدر. [ف. تَگ (= ترو. "تگ دريا" = سمنڊ جو ترو) > تانگهه > تانگهڻ] پاڻيءَ جو ترو لهڻ — پاڻيءَ جو عمق جانچڻ (ڏوريءَ سان يا رسيءَ سان) — ماپ لهڻ. تانگهي پاڻيءَ مان لنگهڻ. ڳولڻ. انتظار ڪرڻ. اڪندڻ. (تانگهيو - تانگهيندو — تانگهيل).

• **تانگهو ج تانگها:** ذ. [ف. تَگ = ترو] ننڍو پاڻي (ماڻهوءَ جي قد کان ننڍو؛ "تار" جو ضد).

— **تانگهائي:** ث. ننڍي پاڻيءَ واري حالت. ٻنيءِ ٻوڙ پاڻيءَ جي حالت. تراکڙائي.

— **تانگهي ۾ تاڻڻ:** بلڪل ننڍي پاڻيءَ ۾ ترڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اجائي ڪوشش ڪرڻ. فضول محنت ڪرڻ. بيوقوفيءَ جو ڪم ڪرڻ.

• **تانگهي:** صفت. ميڪانيڪل — اڪنسيل "پاڻي ٻرڙون ڪيترون. تانگهو گهٽيون تيت" (قطب شاهه).

• **تانُوڻ:** ذ. [ف. تاوان = نقصان. چٽي. تباهي] تانوڻ — تاوڻ — نقصان. ڏنڊ. چٽي.

— **تانُوٽي:** ث. تانُوڻ. چٽي. تباهي.

• **تانُوڪ (ڪ):** ث. گدي جنهن سان تنور ۾ مانيون ٽڪجن. (ماني ٽڪڻ يا وڌائڻ لاءِ) ڪاٺ جو ڇڪرو — پاتولو.

• **تانُهري (ت):** ث. تاهري — نَهري — مينو پيٽ.

• **تانِي ج تانِيُون:** ث. [سن. تانِيَ = تاجي. ف. تانهٗ] تاجي (ڪبڙي جي).

• **تانِيٺ:** ث. [ع] مؤنث واري حالت. مؤنث جي علامت. عربيءَ ۾ اهو اسم جنهن ۾ مؤنث جي ڪا نشاني نہ هجي پر اصل زبان موجب مؤنث هجي — مثلاً "اَرض، عَيْن".

• **تاءُ:** ث. [تاڻڻ > تاڻ] مصدر. تار ماڻڻ. ٽُٽڻ — ڇڪ. سڪ "سيئي اڳڙ آڻيا. تن جني جي تاءُ" (بلال شاهه). ڪشش. گهل.

— **تاءُ تاڻاڻ:** ث. ڇڪ ڇڪان — تاڻو تاڻ.

— **تاءُ ٿُوڻ:** ث. ڇڪتاڻ. ڪوشش. جاج جوڳ.

— **تاءُ ٿُوڻ ڪرڻ:** ڇڪتاڻ ڪرڻ. ڪنهن ڪم لاءِ ڪوشش ڪرڻ. جيئن تيئن گذران ڪرڻ (ث).

— **تاءُ رکڻ ڪرڻ:** تاڙ ڪرڻ.

• **تاڻائڻ:** مصدر. "تاڻڻ" مان متعدي بالواسطه. ڇڪ ڇڪان ڪرائڻ. ڏيگهه ڪرائڻ — اينگهائڻ. نڀائڻ. گهوڙو گهوڙيءَ تي جاڙهڻ. گهوڙو ميڙائڻ. (تاڻايو — تاڻائيندو — تاڻايل).

• **تاڻڪ (ث):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو (جي ڪٿا ۽ لوبيون آڻن).

• **تاڻڻ:** مصدر. [سن. تَنْ = تاڻڻ] ڇڪڻ. وڌائڻ. ڏيگهه ڏيڻ. پکيڙڻ (ڪپڙو) گهاڻڻ. ڇڪي يا ڪولي مٿان وجهڻ (رلي. سوڙ يا چادر وغيره). تانگهڻ (ڪت). آڙڻ (پاڻ ڏي). ڏگهو ڪرڻ (ڪنهن معاملي کي). ڪوڙڻ (تاڃيءَ) کي]. تاڙڻ. تَڪڻ. ڏسڻ — نظر ۾ رکڻ. اڳتي وڌڻ — هلڻ. (تاڻيو — تاڻيندو — تاڻيل).

• **تاڻڻ:** مصدر. پنهنجي توجهه ڏيان ۽ ارادي ۾ آڻڻ. وڌائڻ — ڏيگهه ڏيڻ — پکيڙڻ (ڪپڙو). ڏسڻ — نظر ۾ رکڻ.

• **تاڻو:** ذ. ڪيهه جو تندو. تاڃيءَ جي ڪوٽ. ڏاهيءَ جي ڪوٽ (جا مَس ڪپڙيءَ ۾ وجهجي).

• **تاڻو تاڻ:** ث. ڇڪ ڇڪان. تانگهه.

• **تاڻي، تاڻين:** ظرف. تائين.

• **تاوان:** ذ. [ف] زبردستي مٿان پيل ڏنڊ — چٽي. ڏڻ جو ڏنڊ. نقصان — چيهو — تاوڻ.

• **تاوڙي ج تاوڙيُون:** ث. [سن. تَپْ = تپڻ، ف. تاب > تاو > تاوڙي] تپت – تاءُ – تائڙي – ڪوسان. دانگي (ٿ. ل).
• **تاوقتيڪ:** ظرف. ان وقت تائين – جيستائين.
• **تاوَنَ ج تاوَن:** ذ. [ف. تاوان] تاوَڻ.
• **تاوَڻ ج تاوَڻ:** ذ. [ف. تاوان] جَٽي. نقصان – چيهو "جي ترن آب سجائين، تقويٰ طاقت هي تاوَڻ" (سجل).
• **تاوَڻ پوڻ:** جَٽي پوڻ. گجي، پوڻ.
• **تاويل:** ذ. [ع] ڪنهن ڳالهه يا جملي جو ظاهري مطلب نظرانداز ڪري پنهنجي راءِ موجب ڪيل معنيٰ. اندروني مطلب. سمجهائي. عذر – بهانو.
• **تاهِرِي ج تاهِرِيُون:** ث. مِلو پَٽ (هڪ "ڪنڊ جي تاهري" ٻي "ڳڙ جي تاهري").
• **تاهل:** ذ. موتي "سيين سجن کي تاهل بنائي، نامرئٽ نگار ڪيا" (وڌو).
• **تاهر:** ظرف. ته به – وري به.
• **تاهڻو ج تاهڻا (ت):** ذ. نڪر جو ڪنو.
• **تاهُو ج تاهُو:** صفت. ظرف. ٽڪو – ٽڪڙو – ڇوهو. اڳ ۽ واڌائو.
• **تاهُو ٽي وڃڻ:** ٽڪر ٽڪر اڇٽي وڃڻ. ٽڪڙو ٽڪڙو ٿيڻ وڃڻ.
• **تاهُوتَ:** ث. تاڪيد. ٽڪڙ – جلدائي.
• **تاهُوت ڪرڻ. لائڻ. مڃائڻ:** سخت تاڪيد ڪرڻ. ٽڪڙ لائڻ. جلدي ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ.
• **تاءُ ج تاؤ:** ذ. [ف. تاب. تاو (= گرمي. سيڪ. ور. پيچ) > تاءُ] سيڪ – ٿوَ (باهه جو). گرمي – تابش. غصو – ڪاوڙ – غضبه. طاقت – زور.
• **تاءُ اَيرڻ. اَچڻ:** سيڪ اچڻ – ڪنهن لاءِ همدردي ٿيڻ. هڏ ڪرڪڻ. ڪاوڙ اچڻ.
• **تاءُ ڏيڻ:** سيڪ ڏيڻ (مچن کي) وٽ ڏيڻ. مچون وٽڻ.
• **تاءُ ڪرڻ:** تاوڙي ڪرڻ. گرمي ڪرڻ. ڪاوڙ ڏيکارڻ.
• **تائِب:** ذ. صفت. [ع. تاب (= خدا ڏانهن موٽڻ. پڇتائڻ) > (اسم فاعل) تائب] خدا ڏانهن موٽندڙ. توبهه ڪندڙ – پڇتائيندڙ.
• **تائِبَ ج تائِبَ:** ذ. [ع. تعويذ] گهه جو هڪ قسم. گجيءِ ۾ پائڻ جو گهه (جاندي يا سون جا. ميءِ سوڙها هيٺ ويڪرا چوڪنڊا ٽي ٽڪر جي ڀاڄي ۾ پوئي زالون هار وانگر گجيءِ ۾ پائين).
• **تائِڻ:** مصدر. [سن. تَپْ = تپائڻ: ف. تاب. تاو > تاءُ > تائڻ] تپائڻ. سيڪ ڏيڻ – گرم ڪرڻ. تپائي ڪڍڻ. ستائڻ. تبزيءِ سان ڪنهن کي تاڪيد ڪرڻ. ڪاوڙائڻ. چيڙائڻ. (تايو. تائيو – تائيندو – تابل. تائيل).
• **تائِڻ تپائِڻ:** ڪک ڪرڻ – بيزار ڪرڻ. چيڙائڻ. ڪاوڙائڻ. تڪليف ڏيڻ.
• **تائي تپائي ڪڍڻ:** تنگ ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – ڪک ڪرڻ.
• **تائي ڏيڻ. ڪڍڻ:** بيزار ڪرڻ. تڪڙ ڪرڻ – اصرار ڪرڻ.
• **تائِي (ت):** ث. تاءُ – تائڙي. اُبس – اُڌ.
• **تائِي لڳڻ:** اڃ لڳڻ – خشڪي لڳڻ. ٻوڪ کي ڀاڄيءِ جي گهرج ٿيڻ (سوڪ لڳڻ).
• **تائِيتَ ج تائِيتَ:** ذ. تائيٽ.
• **تائِيدَ ج تائِيدُون:** ث. [ع. تائِيْدْ پُٺيراڻي (نظريي. راءِ. بحث ۾). حمايت ٽيڪو. تصديق.
• **تائِيد ڪرڻ:** پُٺيراڻي ڪرڻ – ٽيڪو ڏيڻ – حمايت ڪرڻ.
• **تائِيس:** اسم خاص. ڪوهستان جو هڪ پاڳو (ڳوٺ ڳبولن جو. اهو علائقو وڃي نئين ڪراچي کي لڳي).
• **تائِيڻْ:** ظرف. وٽ (انهيءِ هنڌ) – ڀر ۾ (تنهن جاءِ). توڙي – سوڌو. توڙي. مرڪب ۾ 'حرف جر' جي حالت ڏيکارينڊڙ "تيستائين. ايستائين".
• **تَبَ (ل):** ذ. [ع. طب] طبو – علاج.
• **تب:** ذ. تاب "شمس وڏو ئي شان، توڙي رکي تب ۾" (خانڙئي).
• **تَ بِ:** ظرف. [ف. تا (تائين) + بِ (= سان)] انهيءِ هوندي – تنهن هوندي. (حرف جملو) تـ پڻ. پر.
• **تَباخَ ج تَباخَ:** ذ. [ف. طباخ] ٽڪرجي ٿالهي. ڏسو "تَباک".
• **تَبادُل:** ذ. [ع. بَدَل > تَبادَل = مٽائڻ] عيوضو – معاوضو – ڏي وٺ – بدل سدل. پي (ملازمت ۾).
• **تَبارُ:** ذ. [ف] خاندان – گهراڻو. قوم – ذات. نسل – اولاد. (صفت) سياڻو – سڄورو.
• **تَبارَڪ:** صفت [ع. بَرَكَ > تَبارَك = برگزيدو. پاڪ (ذڪي). وڏندڙ] برڪت وارو. پاڪ. برگزيدو. وڏو – بزرگ. برتر (اسم خاص) قرآن شريف جي اوڻتيهين سيپاري جي پهرين سورة (جنهن جا شروعاتي لفظ "تَبارَكَ الذي ..... الخ" تان پيل) جو نالو.
• **تَباشِيرُ:** ذ. [ع. طباشير] پساريڪي وکر جو هڪ قسم (اڇي رنگ جو ۽ ٿورو آسماني رنگ ڏي مائل ٿئي). [ع. تَبْشِير ج تَباشِير (= خوش خبريون. سرهائيون) > ف. تَباشِير صُبْح = پرينات جي روشنائي] صبح ڪاذب جي روشنائي. روشنائي.
• **تَباکَ ج تَباکَ:** ذ. [ع. طبق. ف. طباخ] ٽڪرجي ٿالهي – تباک.
• **تَباکَ ج تَباکَ:** ذ. [ع. طبق. ف. طباخ] ٽڪرجي ٿالهي – پاٽوڙو – ڏباکو.
• **تَباهُ:** صفت. [ف] ناپيد – برباد – ناس – ڇٽ. ويران. خراب. پريشان.

• **تَباهِ حالُ:** ڏ. صفت. پريشان حال – ڏکيل. برباد. ڪنگال.
• **تَباهِ حالِي:** ث. زبون حالي. بي سرو سامانِي. مسڪيني – غربت. پريشاني.
• **تباه ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – ويران. وڃائڻ. لٽائڻ – ضايع ڪرڻ. ٻوڙڻ – غرق ڪرڻ. بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.
• **تَباهِ ڪُنُ:** ڏ. صفت. [ف. تباه + ڪُن = تباه ڪندڙ] برباد ڪندڙ – ناس ڪندڙ.
• **تباهِي ج تباهِيُون:** ث. [ف] بربادي. ويراني. آفت – مصيبت. ذلت – رسوائي.
• **تَبْخال:** ڏ. [ف] تپ جي اوٻر (جنهن ۾ ڇپن ٿي ڦرڙيون نڪرن ٿيون ۽ اها تپ جي وڃن جي نشانِي سمجهي ويندي آهي). وات – لاڪڙ.
• **تَبَدّلُ:** ڏ. [ع. بَدَلَ > تَبَدّل = بدلجڻ] بدل سدل – ڦيرگهير. تبديلي.
• **تَبْدِيلِ، تَبْدِيلِي ج تَبْدِيلِيُون، تَبْدِيلِيُون:** ث. [ع. بَدَلَ > بَدَل، تَبْدِيل (= ڦيرائڻ. بدلائڻ) > ف. تَبْديلي] صورت بدلائڻ. مٽا سٽا. انقلاب. علم نحو ۾ اصطلاح ۾ هڪڙي بوليءَ جي لفظ جي ٻيءَ بوليءَ ۾ اڇي اختيار ڪيل صورت. بدلي.
• **تبديل ڪرڻ:** بدلائڻ – ڦيرائڻ – مٽائڻ.
• **تَبَرّ ج تَبَرُّن:** ث. [ف. تَبَرْ = ڪهاڙي] وڏي ڦر واري ڪهاڙي. تڪي ڪهاڙي. هڪ قسم جي ننڍي ڪهاڙي (جا فقير ڪندا آهن).
• **تَبَرّاً:** ڏ. [ع. بَرِءَ > تَبَرّءَ (مِنْ) = بري هجڻ. ڪنهن کان بي واسطي هجڻ] بيزاري – نفرت. گلا. ملامت.
• **تَبَرّک:** ڏ. [ع. بَرَک > تَبَرّک = دعا جي اميد رکڻ. نيڪ فال وٺڻ. دعا. خير] اها شيءِ جنهن ۾ برڪت هجڻ جو اعتقاد هجي. ڪنهن بزرگ کان مليل تحفو. پاڪ خلعت.
• **تَبَرّکاً:** ظرف. [ع] برڪت طور.
• **تَبَرُّکات:** ڏ. [ع. تَبَرُّک ج تَبَرُّکات] "تَبَرُّک" جو جمع. بزرگن جا آثار. درويشن کان تحفي طور مليل شيون (جي برڪت طور رکجن).
• **تبريز:** اسم خاص. ايران جي هڪ مشهور شهر جو نالو (آذربائيجان علاقي جو مکيه شهر).
– **تَبْرِيزِي:** صفت. "تبريز" شهر جو.
• **تَبَسّمُ:** ڏ. [ع. بَسَمَ > تَبَسّم = مُرڪڻ] ڇپن ۾ ڪلڻ جي حالت – مُرڪ – مُشڪ.
• **تَبْصرو ج تَبْصرا:** ڏ. [ع] بَصَرَ. بصر (ڏسڻ. سمجهڻ) > تَبَصّر = خيال. ويچار] ڪنهن مسئلي يا مضمون بابت پنهنجا خيالات ظاهر ڪرڻ. مضمون يا ڪتاب جي ڇنڊ ڇاڻ.

• **تبع:** ڏ. [ع] پيروي – پوئلڳي.
• **تبع تابعين:** ڏ. اهي مسلمان جن تابعين، کي ڏٺو.
• **تَبْعِيدَ:** ث. [ع. بُعْدَ < تَبْعِيد = ڏور ڪرڻ] ڏورائي. مفاصلو.
• **تَبْلِي زَنْدو:** ڏ. زَنْدي جو هڪ قسم (گول منهن وارو رندو).
• **تَبْلِيغ:** ث. [ع. بَلَغ = پهچائڻ] ڪنهن جڳيءَ ڳالهه کي ٻين تائين پهچائڻ. نيڪ ڳالهه جي پڌرائي. ديني نيڪين جي پڌرائي. پهچائڻ (شريعت جو حڪم) ٽلقين مذهب جي.
• **تَبو ج تَبا:** ڏ. [ع. طَبّ (= علاج ڪرڻ) > طبو] علاج – دوا – ٻلو. ڏسو "طبو". ٽئو (ث).
• **تَبُوک:** اسم خاص. [ع] مديني شريف ۽ دمشق جي رستي تي هڪ شهر جو نالو (جتي سال نائين هجري ۾ نبي صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ٻاڻ مقابلي فتح ٿي ۽ حضور جن آتي وڃڻ ڏينهن رهي موٽي آيا).
• **تبي:** ظرف. تڏهن.
• **تَتُ ج تَتْ:** ڏ. [سن. تَتْوَ = عناصر. جيڪي دنيا جي سڀني شين جو بنياد آهن] عُنْصَرْ – پوت (هندو فلسفي موجب پنج تَتَ يا پُوت آهن: هوا. پاڻي. باهه. مٽي ۽ آسمان (پولار). ڪي فلسفي صرف پهريان چار عناصر تسليم ڪن ٿا "چار تَت عالم ٿا سمجهن. پرٿ پنجون آهي تَتَ"). بنيادي ڳالهه – حقيقت. اختصار – خلاصو – سار – تاثيرح. حاصل مطلب. نچوڙ. نتيجو. جوهر – مُولُ. اڳهاڙو – نانگو (ث).
• **تَت ڪڍڻ:** اصل حقيقت معلوم ڪرڻ. اندر ڪڍڻ – منجهه ڪڍڻ – راز کولڻ. اختصار ڪرڻ.
• **تِت:** ظرف. اتي – ٽٻي – اُن جاءِ تي.
• **تَتاڪ (ڪ):** ث. ناڪوڙ – سيڪ.
• **تِتاڻُ:** ظرف. تنهن هنڌ ڪان – انهيءَ جاءِ ڪان. اتان – اتاڻُ ٽي.
• **تَتَبّع:** ڏ. [ع. تَبِعَ = پيروي ڪرڻ] پيروي – پوءِ لڳائي. ڪنهن شاعر جي غزل يا نظم جي پران غزل يا نظم جوڙڻ.
• **تَتْبُر:** صفت. هٽ جو ڇوهر. هوشيار – ڪاريگر. ماهر – چالاڪ
• **تِتَرّ ج تِتَرُ:** ڏ. يڪي جيڏو يا البت وڏيرڙو ۽ سهڻو يڪي جنهن جي پڻي ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا ٽين ٽي قسم: ۱. ٻگڙو. ۲. ايراني. ۳. ڪارڙو.
• **تِتر ڦڏائي وڃڻ:** غفلت سبب ڪو فائدي جهڙو موقعو هٿن مان وڃائڻ.
• **تِتر ڦائو ٽيڻ:** تتر جو ڏائي پاسي پولڻ (جو خراب شوڙ سمجهيو

ويندو آهي ۽ ان بدسوڻ سببان کوبه ڪم نه ٿئي "الا ٿئي مر اَن کي. ڏنگر ۽ ڏاڙو" (شاهه).

- **تِترڏيڪاري پِتَرڏيڻ:** وڏو انجام ڪري نه ٻاڙڻ. ٽڪي، جو نمونو هلڻ.
- **تِترڪَرَڙي:** ٺ. جهڙ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪڪرن جا نديڙا نديڙا ٽڪرا آسمان ۾ ائين چانڊيجي ٻيهن جو چڻ تِتر جي پَڻي، جا تِڪڙا آهن) — نَنڍڙن ڪُڪرن جي ميرميرِ.
- **تِتِڪال:** ظرف. [سن. تَتْ = اِهو + ڪالَ = وقت = انهي، وقت. هينئر] جهٽ پٽ — بنادير. [سن. تَتْوَ + ڪال = هي، عنصري زمانو] زمان حال. زماني جي بي ثباتي. بي بقاءِ زمانو. زماني جي بيوفائي "هي تِتِڪالي ٽُومان. سامي جهاڳي سر ٽيا" (سامي).
- **تِتِڪِرو** ج **تِتِڪِرا:** ڏ. [سن. تَتْ = اختصار + ڪَرِ = نمونو] نالن لکڻ جو مختصر نمونو (جو دڪاندار پنهنجي بندين ۾ فهرست طور لکندا آهن. مثلاً ساڳي بندي، ۾ گهٽن ماڻهن جو حساب ڪتاب لکيل آهي ته "الف — ب" وار لکندا آهن. جيئن ڪلاچند. ڪريم بخش. قادر بخش وغيره سڀ 'ڪ' واري پاڳي ۾ اينداَ. ۽ بندي، جي فهرست ۾ صرف 'ڪ ڪ ڪ' لکي ان جي سامهون صفحي جو نمبر هڻي چڏيندا آهن جيئن نالي ڳولڻ ۾ آساني ٿئي) — حرفي اختصار. حساب ڪتاب جا سِرا.
- **تِتِڪرا تورڻ:** مختلف جنسون هڻ ۾ جهلي تپاسڻ. عيب ويچارڻ.
- **تَتَلُ** ج **تَتَلَ:** ڪوسو — صفت. گرم. سيڪيل. تپيل — ڪاوڙيل.
- **تَتِمّو** ج **تَتِمّا:** ڏ. [ع. تَتِمّة ج تَتِمّات] خاتمو. تڪميل. آخرين حصو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ وڌيل حصو — ضميمون.
- **تَتَن تاري:** محاورو. تڪڙي اڇ وچ. جلدائي — تڪڙ. مٺاچرو ڪم. جلدي، ۾ ڪم.
- **تَتَن تاري ڪرڻ:** تڪڙ مان مٺاچرو ڪم ڪرڻ. جلدي، مان ڪم ڪرڻ.
- **تَتَڻ:** ٺ. گرمي — تابش — تاڻ.
- **تَتو** ج **تَتا:** صفت. [تَپڻ" < تَتو] تَپڻ" مصدر. مان ماضي. تپيو — گرم ٿيو. ڪوسو ٿيو. ڪاوڙيو. سخت گرم — تمام ڪوسو. (اسم مفعول) تَتل. ڪاوڙيل. (ث) تَتي ج تَتيون.
- **تَتو تاوڙ:** صفاتي ترڪيب. تمام تتل ڏينهن — تاڪ منجهند — ٻيهر.
- **تَتي تاڪ:** ظرف. تاڪ منجهند جو. اَنهي، وقت. يڪدم. جلد. تڪڙو.
- **تَتي گهاڙ:** ظرف. ڏاڪ لڳڻ مهل — ڏاڪ لڳڻ شرط. انهي، وقت — بروقت — تهڙان. يڪدم — جلدي.
- **تِتو** ج **تِتا:** ڏ. صفت. ٻاتو (جو ڳالهائڻ ۾ ٽ' اڪر گهٽو ڪم آتي).
- **تِتو ڳالهائڻ:** ٻاتو ڳالهائڻ.
- **تُتو** ج **تُتا:** صفت. ڏکو. بي مواد. چدو.
- **تُتو پاڻي:** ڏ. ڏکو پاڻي. ڦنگهو پاڻي. بي سواد (کير. شربت. ڏڄ) — بي ذائقي.
- **تَتي** ج **تَتيون:** ٺ. ["تپڻ" < تَتي] مصدر "تپڻ" مان "تتو" جو مونث. تپت. تتل ويل — سخت گرمي، واري مهل. (صفت) تتل — گرم — ڪوسي.
- **تَتي ٿِي ڏيڻ:** برو وقت ڏڪو داب ڪرڻ. تهتان تڙي ڪڍڻ. بيهڻ نه ڏيڻ — يڪدم لوڏي ڪڍڻ.
- **تَتي ڏَڏي:** محاورو. گرمي سردي. ڏک سک.
- **تتي ڏڏي، کاهڻ:** هر ويل ڪوشش ڪرڻ. گرمي، سرديءَ جو خيال نه ڪرڻ. "تتي ڏڏي کاهه. ڪانهي ويل ويهڻ جي" (شاهه).
- **تَتي دانگي، تي لولو ڏُڪڻ:** ٿهيل ٽڪيل ڪم مان فائدو ولڻ. بنا تڪليف جي فائدو ولڻ.
- **تَتي، کي تائڻ:** تتل دانگي، کي وڌيڪ ڪاوڙ ڏيئي تپائڻ. ڏکويل کي وڌيڪ ڏکوئڻ.
- **تِتي:** ظرف. [سن. ١. تتَ. تتا = ساڳي، جاءِ تي: ٢. تُتر] تنهن جاءِ تي. ساڳي، جاءِ تي. اُتي — اُنهي، هنڌ — تتي.
- **تِٽ** ج **تِٽُون. تِٽيُون:** ٺ. [سن] جنڊ جي مهيني جي چٽاپل تاريخ. تاريخوار ڏينهن (پهرين، چنڊ ڪان پورنماسي، تائين سهائي پک جون هيٺيون تٽيون ڳڻيندا: ايڪم. بيج. تيج. چوٿ. پنجمٽ. ڇٺمٽ. ستمٽ. اٺمٽ. نوم. ڏسمٽ. ڳيارس. پارس. تيرس. چوڏس. اهڙي، طرح پورنماسي، ڪان اڳاس تائين اونداهي پک جون چوڏهن تٽيون آهن). (ملڻ لاءِ) مقرر ڏينهن — انجامي ڏينهن. ٻڌل ڏينهن (شادي، لاءِ) — بانڊاڻ. شادي يا ملاقات لاءِ مقرر تاريخ ۽ ڏينهن — ٽِٽ.
- **تِٽ ٻڌڻ:** تاريخ مقرر ڪرڻ (شادي، جي) — ڏينهن ٻڌڻ.
- **تِٽ:** ڏ. [سن. تِٽ] تاريخ — ڏينهن — تِٽ. ويلو — وقت. ميعاد — مُدو. پڇاڙي — آخر — حد. آنت — شمار — ڳڻيتو. رهڻ جي جاءِ — ماڳ. پاڇي — موڙي. گهر جا وسلا. توشو — ٽمر. ضامن. ڦلو (اک ۾)، تِٽو.
- **تِڻان. تِڻُونُ:** ظرف. اُن جاءِ کان — اُتان — اُنهي، هنڌان. "جِڻان. جِڻُونُ" جو ضد.
- **تِڻانهُونُ:** ظرف. ان جاءِ کان ولي — اُتان کان ولي. تِڻان.
- **ٽَڻاڻ پڻاڻ:** ڏ. نٽ نٽاءِ — گس گساءِ — عذر بهانا (صفت) هڪو ٻڪو — حيران پريشان.
- **ٽَڻاڻ پڻاڻ ڪرڻ:** گس گساءِ ڪرڻ — نٽ نٽاءِ ڪرڻ — عذر بهانا

ڪرڻ.

- **تِڪائڻ:** مصدر. تِتائڻ – ٻاتائڻ.
- **تِڪو ۽ تِڪا:** ذ. مَوڙي (واپار ۾ سيڙايل). عيوض. ضامن. شاديءَ جا مقرر ڪيل زيور. ڏاج. ڪابينو. داغ (جو ميسارجي نه سگهي). ٻڙو (مندي‌ءَ جو) – ٽڪ. (صفت) ٻاتو – تِتو.
- **تُڏ:** ذ. [سن. تَدّ = ڏندن سان ٽڪڻ] جيت جو هڪ قسم] (جو ڪپڙا ٽڪي) – چٽو. تڏو.
- **تِڏي:** ظرف. اُتي – اُن جاءِ تي – تِتي.
- **تَڏِلِيٿ:** ث. [ع. ثلث = تي] تن حصن ۾ ورهائڻ جي حالت. عيسائين جي مذهبي وساه موجب 'الاهيت' کي تن پاڻن ۾ ورهائڻ جو عقيدو. [عيسائي 'الاهيت' کي ۱. يِيءَ (خدا) ۲. پُٽ (حضرت عيسىٰ) ۽ ۳. روح القدس (جبريل جو مجموعو سمجهن] ۽ هندن جو تِمُورتي وارو عقيدو. (۱. برهما ۲. شِوَ ۽ ۳. وشنو). نجومين جي اصطلاح ۾ قمر (چند) جو بن سعيد تارن سان گڏ هجڻ واري حالت.
- **تَپ:** ذ. [سن. تَپْ = نفس کي مارڻ] تپسيا – رياضت.
- **تُپي:** ذ. صفت. تپسيا ڪندڙ. سخت رياضت ڪندڙ.
- **تَپُ ج تَپ:** ذ. [سن. تپ = تپڻ: ف. تَپْ < زَنْد. تَفْنو] ڪوسائ – حرارت – گرمي. بخار – ڪوسو – ٻرو – لڳ (قسم ۱. ڏَرو تپ: جو لڳاتار ٻيلو هجي. ۲. واري جو يا ٻيئڙو تپ: ۳. جو هڪ نه ٻئي ڏينهن اچي. ۴. چور تپ: جو رات جي وقت اچي. ۵. سيئڙو تپ: جو سيءَ سان گڏ ٿئي. ۽ اڪثر 'ملير يا جو تپ' هوندو آهي. ۶. مُدي جو تپ: جو گهڻي وقت تائين هلي typhoid. ۷. دِق تپ: سلهه جو تپ يا هڏ جو تپ).
- **تپ اچڻ:** بخار اچڻ. ٻرو چڙهڻ. دڇڻ – ٻڙ چڙهڻ.
- **تَپ بَڏڻ:** تپ کي بڏي قابو ڪرڻ (ته مريض سان نه وڙهي وڃڙي) – تپ کي بڏڻ جو سورَ ڪرڻ (سورَ ڪندڙ مُڃ جي نوڙي ڪنڊو ۽ "الم نشرح" سورة پڙهندو هر هڪ "ڪ" تي ڳُنڊ ڏيندو ويندو. پوءِ اها نوڙي ڪنهن سائي ڪرڙ يا ٻئي وڻ ۾ بڏندو ۽ بڏڻ وقت مريض کان پڇندو ويندو ته "تپ بڏان" مريض چوندو "بڏ" ته هڪ ڳُنڊ ڏيندو: اهڙيءَ طرح تي دفعا پڇي تي ڳُنڊيون ڏيندو). (عام وهم موجب) دشمنيءَ سببان ڪنهن مريض ماڻهوءَ جي تپ جو مُدو بڏڻ (جيئن انهيءَ مدي تائين تپ ڪيس بڏو ٻيو هجي ۽ ٻيو تپ لوڙي) – ڪنهن حيلي سان گهٽو لڳي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وجهڻ "ڪنهن جو تپ بڏڻ".
- **تپ جا هارُهُ چڙهڻ، هُجڻ:** ڏاڍو بخار ٿيڻ – سخت تپ هڻڻ.
- **تپ جاڙهڻ، ڏيڻ:** ٻرو ڏيڻ. ڪنهن حيلي سان لڳي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وجهڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.
- **تپ چڙهڻ:** بخار چڙهڻ – ٻرو چڙهڻ – مستي چڙهڻ. ڏپ وٺڻ.
- **تپ دِق:** ذ. [ف. تپ د ق] ڦڦڙن جي خرابيءَ کان ٿيندڙ تپ – سلهه جو تپ.
- **تَپاچو ج تَپاچا:** ذ. [ف. تَمَنْچَهْ] تمنچو – پستول.
- **تَپاس:** ث. [ع. تَفَحُّص = گهري جانچ. اونهي جانچ] جانچ – جڪاس. معائنو. پڇا. ويچار – غور. ويچار وارو فيصلو.
- **تپاس:** ذ. تپسيو – تسيو. تڪليف (ٻڪ اڄ جي). مهميز. جانچ – امتحان – آزمائش.
- **تپاس ڪرڻ:** جانچ ڪرڻ. ويچار ڪرڻ. ويچاري فيصلو ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪري دريافت ڪرڻ. تپاسڻ.
- **تپاسڻ:** مصدر. [ع. تَفَحُّص > تپاس > تپاسڻ] جڪاسڻ – جانچڻ – ڏسڻ (ڪنهن شيءِ کي جگيءِ طرح). معائنو ڪرڻ. پرکڻ. ڳالهه کي ويچارڻ. جانچي غور ڪرڻ (تپاسيو ۰تپاسيندو – تپاسيل).
- **تَپاسو ج تَپاسا:** ذ. پتاسو – پتاشو.
- **تَپاشو ج تَپاشا:** ذ. پتاشو.
- **تَپاشِيرُ:** ذ. ڏسو "تپاشير".
- **تَپاڪُ:** ذ. [ف. تپاک = بي آرامي] ولولو – گرمجوشي. اُلساءُ. اخلاص.
- **تَپاوَلي ج تَپاوليون:** ث. [تَپ (= بخار. ٻرو) > تپاولي] ماڻهن ۾ تپ عام هجڻ جي حالت. تپ جي عام شڪايت ('سرءُ' خاص تپ جي موسم آهي جنهن ۾ 'تپاولي' عام ٿئي).
- **تَپائڻ:** مصدر. [سن. تَپْ (= تپڻ) > تپائڻ] تمام گهڻو گرم ڪرڻ. تاءُ ڏيڻ. ڪاوڙائڻ – تنگ ڪرڻ. تڪليفون ڏيڻ. آزارڻ – ستائڻ. (تپايو – تپائيندو – تپايل).
- **تپائي ڏيڻ، ڪڻ:** آزار ڏارڻ – تڪليف ڏيڻ. گهڻو زور پرڻ (ڪنهن ڪم لاءِ) – وري وري چوڻ. بيزار ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ.
- **تَپَت:** ث. [سن. تَپْ = تپڻ] گرمي – ڪوسائ. تپش. تائُي.
- **تَپجَڻ:** مصدر "تپڻ" مان فعل ماضي برڻ. [تَپْ (= بخار. ٻرو) > تپجڻ] تپجي پوڻ – برجي پوڻ. تپڻ.
- **تَپدارُ ج تَپدارَ:** ذ. صفت. [ف. تَپْ + دار] ڏسو "تپيدار".
- **تَپداري ج تَپداريون:** ث. تپيداري.
- **تَپُرسُ:** ذ. اچرج – حيرت. ويچار.
- **تپرس ۾ پوڻ:** عجب ۾ پوڻ – حيرت ۾ پوڻ.
- **تَپسِيا ج تَپسيائون:** ث. [سن] نفس کي مارڻ لاءِ جسماني تڪليف. رياضت.

• **تَپسي:** ذ. صفت. تپسيا كندڙ.
• **تَپش، تپِش:** ث. صفت. [ف. ا. تَپِش = گرمي جي لهس: ۲. تَپِش = گرمي، باهه] گرمي — حرارت. سڄ جو تاءُ. سوزش. بيقراري.
• **تَپشا ج تَپشائون:** ث. تپسيا — رياضت.
• **تَپڻ:** مصدر. [سن. تَپْ = گرم ٿيڻ] گرم ٿيڻ — كوسو ٿيڻ. كاوڙجڻ. جوش ۾ اچڻ. (تپيو — تپندو — تپيل).
• **تَپڻو:** ذ. صفت. تپي ويندڙ. جلد كاوڙجندڙ — چڙندڙ — چيڙاڪ.
• **تپڻي ج تپڻيُون:** ث. صفت. جلد تپندڙ شيءِ. جلد كاوڙجندڙ — زود رنج. (ث) باهه. كا خاص تتل شيءِ يا لوهي اوزار جنهن سان ڏنب ڏجن.
• **تپڻي تپائڻ:** ڏنين ڏيڻ لاءِ كا خاص لوهي شيءِ تپائڻ. كنهن جي پويان باهه ٻارڻ. كا حك ... ريسان كرڻ. سك كرڻ نه ڏيڻ.
• **تَپي باهه ٿيڻ:** تمام گهڻو گرم ٿيڻ (ڌاتو وغيره). حد كان زياده گرم ٿيڻ. تمام گهڻو كاوڙجڻ.
• **تپيس:** ذ. صفت. تپسيا كندڙ — جوڳ كمائيندڙ "ويراڳي وجود كي ڏين تپيسر تاءُ (شاهه عنات).
• **تپي گاڙهو ٿيڻ:** كنهن ڌاتوءَ جو سخت گرم ٿي لال ٿيڻ. تمام گهڻو تپڻ. تمام گهڻو كاوڙجڻ.
• **تَپِيل:** اسم مفعول. (صفت طور كم ايندڙ) گهڻو گرم ٿيل — تتل.
• **تپي وڃڻ:** سخت گرم ٿي وڃڻ (كنهن شيءِ جو). سخت كاوڙجڻ.
• **تَپو ج تَپا:** ذ. [ف. تَپَهْ = زمن ٽكر] رونيو كاتي جي نظام موجب مخصوص ايراضي (جنهن ۾ هك كان زياده ديهون شامل هجن).
• **تَپيدارُ ج تَپيدارَ:** ذ. صفت. [ف. تَپَهْ + دار < داشتن = ركڻ] تپي جو سنياليندڙ — تپدار. رونيو كاتي جو هك نندو ملازم (جو مقرر "تپي" جي زمين جي ياد داشت ركي ۽ تپي مان فصلن جي ڏل وصول كري).
• **تَپِيل:** اسم مفعول. ["تپڻ" يا "تپجڻ" مان اسم مفعول. جو صفت طور پڻ استعمال ٿئي] سخت گرم ٿيل — تتل. بخار ۾ ورتل — هريل.
• **تَپيلو ج تَپيلا:** ذ. طعام رڌڻ جي ٽاڻ؛ جو هك قسم. ويكري منهن وارو ديگڙو.
• **تَپيلي ج تَپيليُون:** ث. طعام رڌڻ ۽ پچڻ لاءِ هك قسم جو ٽاڻ؛ (ويكري منهن. ٽانگهي تري ۽ پاسي كان بن كڙن وارو).
• **تَچ:** ث. دالچيني.
• **تَچ:** ث. پساركي وكر جو هك قسم (هك قسم جي ون جو چوڏ. رنگ هلكو ڳاڙهو. ڏاڪو نكو. ٿورو مٺو ۽ اثر گرم خشك) — تيج (كائي) — سليخه (ع).
• **تچ (ك):** ذ. تچ جيترو.

• **تُجارُ ج تُجازَ:** ذ. [ع. تاجِر (= واپاري) ج تُجّار] وڏو واپاري — لكاپتي يا كروڙپتي واپاري. شاهوكار ـ دنيادار — تونگر.
• **تُجارَتُ ج تُجارَتُون:** ث. تونگريءَ واري حالت — دنياداري — تجاريٽو. وڏي ملكيت — گهڻي مايا. سوداگري — تجارت.
— **تُجارٽو ج تُجارٽا:** ذ. گهڻو ڌن ۽ دولت — تونگريءَ جي حالت — تُجارت.
— **تُجارهٽ:** تونگر هجڻ. تمام سكيو ۽ آسودو هٽ.
• **تِجارَتُ:** ث. [ع. تِجارَة = واپار] واپار. خريد فروخت — سوداگر.
— **تجارت گاهه:** ذ. واپار جي جاءِ ـ ماركيٽ.
— **تِجارتي:** صفت. واپاري. — ڏي وٺ جو — سوداگريءَ جو.
— **تِجارتي هوائون:** ث. جا گرافيءَ جي اصطلاح ۾ سمنڊ جون خاص هوائون (جي سمنڊ ۾ جهازن كي هلڻ ۾ مدد ڪن: انهيءَ موسم ۾ جهاز. غوراب ۽ ٻيڙا آسانيءَ سان آمدرفت جاري ركي سگهندا آهن ۽ سٽائي واءَ سببان سندن آمدرفت ۾ وڏي آساني ٿيندي آهي). Trade winds.
• **تَجاوُزُ:** ذ. [ع. جاوَز (= حد كان لنگهڻ) > تَجاوُز (عَنْ) = حد كان لنگهڻ] حد كان زياده واڌ. زيادتي. واڌارو — اضافو. گستاخي. چڙواڳي.
• **تَجاهُلُ:** ذ. [ع. جَهِلَ (= اڻڄاڻ ٿيڻ) > تجاهُل = اڻڄاڻ ٿيڻ جو بهانو ڪرڻ] جاڻي واڻي اڻڄاڻ بنجڻ — ٻاڻ كي بيخبر ظاهر كرڻ ڪن لاءِ.
• **تَجاهُلِ عارفانه:** ذ. علم بديع ۾ معاني جو اصطلاح — جاڻ هوندي به شاعر جو پنهنجي شعر ۾ ٻاڻ كي اڻڄاڻ ظاهر كرڻ. جاڻي ٻجهي نٽائڻ. اڻڄاڻ بنجڻ. بيخبري جو اظهار كرڻ.
• **تَجْديدَ:** ث. [ع] كنهن پوئتي پيل كم. نظام يا تحريك كي وري اُپارڻ. نئين سر جياريڻ.
• **تَجَرَ ج تَجَرُون:** ث. [ف. تَجَرْ = سياري ۾ رهڻ جو گهر. سامان ركڻ جي جاءِ] ناڻي ركڻ لاءِ زمين ۾ كوٽيل چورس كڏ. مردي جو خاكدان. قبر. مٽان كليل اڌاوت. رنگدار چت واري اڌاوت.
• **تَجْرِبو ج تَجْرِبا:** ذ. [ع. تَجْرِبَة] آزمائش — پرك. امتحان. كم جو استعمال — آزمودو. مهارت. بناوت. اصول يا اثر معلوم كرڻ لاءِ آزمائش.
— **تَجْرِبيكارُ:** صفت. [ع. تَجْرِبَة + ف. كار] آزمودگار. ماهر — پڙ — هوشيار. جاڻو.
— **تَجْرِبيكاري:** ث. پوري واقفيت — جاڻ. مهارت. هوشياري. آزمودو.
• **تَجَرُّدُ:** ذ. [ع. تَجَرَّدَ = هشيار جو ميڙ مان نكرڻ. جدا ٿيڻ. آسانگا چڏڻ. اكيلي سر ٿيڻ] اكيلو سر رهڻ واري حالت. اكيلائي. ڇڙائي. كنوارپڻو. دنيا كان بري رهڻ واري حالت.

• **تَجْرِيْد:** ث. [ع. تَجْرِيد = تنهائي. دنياوي معاملات كان كناره كشي] حلوت – اكيلائي. جڙائي.

• **تَجْزِيو ج تَجْزِيا:** ذ. [ع. جَزءَ (= تكڙا تكڙا كرڻ. ورهائڻ) > تَجْزِئَة = ورهاڱت. چيد. تحليل] ذري پرزي جي جانچ – ورهاست – تقسيم. فيصلو. چندچاڻ – چيد analysis.

• **تَجَسُّس:** ذ. [ع. جَسَّ (= چهن. منهن ۾ نظر وجهي نهارڻ) > تجسّس = كنهن خبر جي پڪ كرڻ. كنهن لكل ڳالهه جي جانچ كرڻ] تلاش – جستجو. سونجهه. دريافت – تحقيقات.

• **تَجَل:** اسم خاص. تعلقي ناري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **تجلار:** ذ. تجلا – چمڪا.

• **تَجَلو ج تَجْلا:** ذ. [ع. جَلَوَ. جَلاءَ (= صاف ٿيڻ. چٽو ٿيڻ) > تَجلِيُ. تَجْلِية = چٽائي سان ظاهر ٿيڻ] چمڪو – اُهاڙ. سهائو – روشني.

– **تَجْلا ڏيكارڻ:** چمڪڻ – چمڪات كرڻ. تيزي ڏيكارڻ – هوشياري ڏيكارڻ. حُسن ڏيكارڻ.

• **تَجَلِّي، تَجلِيِ ج تَجلِيُون:** ث. [ع. جَلَوَ > تَجَلِّيُ. تَجْلِية = الاهي نور جي تجلي ٿيڻ] الاهي نور جي روشني. جلوو – نور. روشني – چمڪات "ڏسي تاب حسن جون تكيون تجليون. كوهِ طور وچي ٿو جبل جليون" (خبر محمد هيسباڻي).

• **تجليس:** ث. ريهڪ.

• **تَجمُّل:** ذ. [ع. جَمَلَ > تَجَمَّلَ. تَجَمُّلُ = سينگارڻ] شان – شوكت. ٺاٽ – ڏيڏپو. حشمت – رعب. سينگار. ٺاٽ باٽ.

• **تَجْنِيس ج تَجْنِيسُون:** ث. [ع. جَنَسَ > جَنْس. تَجْنِيس = جنسوار كرڻ. جنس ۾ ورهائڻ] هكجهڙائي – مشابهت. علم بديع جي هڪ صنعت. (جملي ۾ هر شكل يا هر آواز لفظ استعمال كرڻ).

– **تَجْنِيس تامّ:** ث. فقري يا مصرع ۾ ساڳئي صورتخطي ۽ ساڳئي اچار وارن لفظن جي استعمال جي صنعت (انهن لفظن جي معنيُ ۾لي كتي مختلف هجي "وَرَ ۾ كونهي وَرُ. ڏيرن وَرَ وڏو كيو" (شاهه).

– **تَجْنِيس حَرْفِي:** ث. شعر جي مصرع ۾ اهڙن لفظن جو استعمال جن جو شروعاتي اكر ساڳيو هجي "تي توكل سان تقويٰ. ترك دنيا كي تمام" (حمل).

– **تَجْنِيس خَطِّي:** ث. شعر جي مصرع ۾ هر صورت لفظن جي بدل سدل واري صنعت "بين جي ميناج محبت قرب كان مون كي گهٽيو. تنهنجي بي قربي ۽ محنت جي جفا آهي لذيذ".

– **تَجْنِيس زائِد:** ث. شعر جي مصرع ۾ اهڙن لفظن جو استعمال جن مان هكڙي جي اڳ ۽ اكر وڌيل هجي "جيئن وڏيو ڏن. مال. رتبو. شان شاهوكار جو. تيئن وڏيو دنيا جي باعث زار جي آزار جو".

– **تَجْنِيس لاحِقْ:** ث. شعر جي مصرع ۾ ٻن هر وزن لفظن جي پهرئين اكر جي تبديل ۽ معنيُ مختلف هڻڻ واري صنعت "پر قبوليندا خوشيءَ سان كين پنهنجي ٻارهار".

– **تَجْنِيس مُرَكَّب:** ث. شعر ۾ هڪ مفرد ۽ ٻئي مركب لفظ كي گڏيل معنيُ ۾ پيش كرڻ واري صنعت "ساهڙ ڪڙي نه ساهه جي. ساهڙ ساهڙ ري" (شاهه).

– **تَجْنِيس مُزِيل:** ث. شعر ۾ ٻن هڪ جهڙن لفظن مان هكڙي جي بيان وڌيل اكر پيش كرڻ واري صنعت "كين بند كر تون خدا يا! هن بنده جو روزگار".

– **تَجْنِيس مُضارَع:** ث. شعر ۾ ساڳئي آواز ليكن معنيُ ۽ صورتخطي مختلف هڻڻ واري صنعت "لال لب لعل كان پٽ لال ملا توكان ٿيا".

– **تَجْنِيس مُطَرَّف:** ث. شعر ۾ ٻن مفرد لفظن جي پوين اكرن ۾ تبديل پيش كندڙ صنعت "خار ۾ هن خام چيو. پر كين ٿيس مقصد تمام".

– **تَجْنِيس مُكَرَّر:** ث. شعر ۾ ساڳئي لفظ جي ٻه دفعا اچڻ واري صنعت "گرج گل لاءِ پريشان هزار هزار. مون لاءِ مگر هڪ تون نگار نگار".

– **تَجْنِيس ناقِص:** ث. شعر ۾ اٽپوري هكجهڙائي پيش كندڙ صنعت "كري كَنَ كيترا كڙكا. نه كَنَ تنهن تي كرڻ گهرجي".

• **تَجَنُّ:** مصدر. [سن. تَيْجَنُ < تَجّ = هيٺ قٽو كرڻ] كبرائڻ. چڏڻ – چڏي ڏيڻ. تياڳڻ "توڙي پران تجي. تان پي ڏيان ڏن ۾" (سامي). هٽ كٽڻ – دست بردار ٿيڻ. ترك كرڻ – لاڳاپا لاهڻ (دنيا جا). چركڻ – ڊڄڻ – خوف كائڻ.

• **تجويد:** ث. [ع] قرآن شريف پڙهڻ جو فن.

• **تَجْوِيز ج تَجْوِيزُون:** ث. [ع. جازَ > جَوَزَ. تجْويز = بنائڻ. جائز ٺهرائڻ. سٽاءُ پوري كرڻ] رٽ – تدبير. سٽاءُ – تركيب. راءِ. ٺهراءُ. طريقو – نمونو.

– **تجويز پاس كرڻ:** كنهن مجلس ۾ كارٽ بحث كان پوءِ قبول كرڻ – ٺهراءُ بحال كرڻ.

– **تَجْويز كرڻ:** رٽ كرڻ. تدبير كرڻ. سٽ سٽڻ. رٽ ڏيڻ – ٺهراءُ پيش كرڻ.

• **تَجْهِيز:** ث. [ع. جَهَزَ > جهز. تَجْهِيز = دفن كرڻ. تيارڪرڻ. ساز سامان مهيا كرڻ (جهاز لاءِ) ميٽ لاءِ كفن دفن جي تياري. كنوار

جي شادي، جي سامان (ڏاج) جي تياري.

– **تَجْهِيز و تَكْفِين:** ث. [ع] ميّت کي وهنجارڻ سهنجارڻ ۽ سندس ڪفن دفن جي تياري – ڪفن دفن.

• **تَجَنْ:** مصدر. [سن. تَنْ = خال پرڻ] تنڻ. ٻوڙ پرڻ (ٽڪيل ڪپڙي جو) – رفو ڪرڻ. (تجيو – تجيندو – تجيل).

– **تَجَ:** ث. [تَجڻ > تج] تَن پرڻ جي حالت. اڻت. زَفو.

• **تِجّ:** ث. جِلّ. جِتّرُ. تمام ٿورڙي شيءِ ۽ ذري – ذرڙو. (صفت) خسيس – ادنيٰ.

• **تُجّ:** صفت. [سن. تُچّ] ٿورو ذرو. نندو – نندڙو. گهٽ – ڪمتر. معمولي – ادنيٰ – خسيس – هيڻ. نڪمو. ناچيز.

• **تِجڻ:** مصدر. [سن. تِكْشَنْ: پرا. تچڻ] ڪَلّ لاهڻ – چلڻ. ترچڻ – تراشڻ. ڪرچڻ. ڪرڻ. وڍڻ – ڪيڻ. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. زخمي ڪرڻ. ڦٽڻ. (تجيو – تجيندو – تجيل).

• **تحاشيُ:** ذ. [ع. حَشِي > تَحاشيُ (مِن وعَنْ) = ڪناره ڪشي ڪرڻ. ويجهوئي نه وڃڻ] ڏپ. پرواه (اڪثر مرڪب لفظن ۾ 'بي' (سان ڪم آڻي "بي تحاشا بي پرواهي سان). اوچتو.

• **تَحائف:** ذ. [ع. تُحفة ج تَحائف] تحفا.

• **تَحْت:** ذ. [ع] هيٺيون حصو. اوڻهائي. ٿرو. (ظرف) هيٺ – هيٺان.

– **تَحْتاني:** ذ. هيٺان رکيل. هيٺان ڏنل ٽيڪا – هيٺيان نقطا.

– **تَحْتاني حرف:** ز. اهي حرف جن جي هيٺان نقطا هجن "ب، پ، ٻ، ڀ وغيره".

– **تَحْتَ الثَّرىٰ:** ذ. زمين جو بلڪل هيٺيون طبقو – پاتال. ستن دوزخن مان هڪ دوزخ جو نالو.

– **تَحْتُ اللفظ:** ذ. حرف بحرف لفظي ترجمو. شعر يا مرثيي کي (سُر ۾ نه، بلڪ) لس پڙهڻ جي حالت.

– **تَحْت ۾:** ظرف. جي هيٺان. حڪم ۾ ۔ ماتحت.

• **تَحْذِير:** ذ. [ع. حَذَرَ. تَحْذِيرُ = تنبيهه ڪرڻ. ڊيڄارڻ] خطري جو ڊڄ.

• **تَحْرُكُ:** ذ. [ع. حَرَكَ > تَحَرُّك = جُرپر. لرزش – جُنبش – ڏوڏو. زَهَڪ.

– **تَحَرُّك هلائڻ:** ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت عملي طور پرچار ڪرڻ – ڪنهن ڳالهه کي زور وڌائڻ.

• **تَحْرِير ج تَحْرِيرُون:** ث. [ع. حَرَرَ. تَحْرِير = سهڻي عبارت ۾ لکڻ] ڪتابت. عبارت – مضمون. لکيت. دستاويز – ڪاپاڙو. لکڻ جو ڍنگ. مضمون نگاريءَ جو طريقو. ڪنهن مسئلي بابت لکيل شرعي فتويٰ. سَرمي جي ليڪ (جا اک لڳ ڪڍجي).

• **تحرير اَقليدَس:** ث. "اَقليدس" جا لکيل جاميٽريءَ جا اصول.

• **تحرير ڪرڻ:** لکڻ. قلمبند ڪرڻ.

• **تَحْرِيرات:** ث. [ع. تحرير ج تحريرات] لکيتون – تحريرون. سَنَدُون. دستاويز.

• **تَحْرِيص:** ث. [ع. حَرَصَ > حَرَصَ (هُ عَلَيْ). تَحْرِيص = حرص ڏيارڻ] حرص ڏيارڻ جي ترغيب. ڏتار. حِرص ۔ لالچ].

• **تَحْرِيف:** ث. [ع. حَرَفَ > حَرَفَ. تَحْرِيف = ڦيرائڻ. بدلائڻ (ڪو لفظ يا ڪتاب)] ڦير ڦار (ڪنهن تحرير ۾ لفظن جي. سڄي عبارت يا مضمون جي). ڪتاب جي تبديل.

• **تَحْرِيفات:** ث. [ع. تَحْرِيف ج تَحْرِيفات] ڦير ڦارون (لفظن. عبارتن. مضمونن يا ڪتابن جون).

• **تَحْرِيكَ ج تَحْرِيكُون:** ث. [ع. حَرَكَ > حَرَكَ. تَحْرِيك = جُرپر ۾ آڻڻ. اُپارڻ. جوش ڏيارڻ] جُرپر – جنبش. ڪنهن ڳالهه يا ڪم کي شروع ڪرڻ يا زور وڌائڻ جي ترغيب. هلچل. تجويز. ٺهراءُ.

• **تَحْرِيمْ:** ث. [ع. حَرَمَ. حَرِمَ > حَرَمَ. تَحْرِيم = منع ڪرڻ. ناجائز ٺهرائڻ] منع – جو نالو.

• **تحس نحس:** صفت. [ع] تباهه - برباد. چڙوچڙ – منتشر.

• **تَحْسِبو ج تَحْسِبا:** ذ. [ع. تَعَصُّب (= ضد. جوش) > تَعَصَّبو. تَحْسِبو] ڪنهن جي حمايت خاطر ضد. ضد – جوش. حسد. دشمني – بغض.

• **تَحْسِين:** ث. [ع. حَسَنَ. حَسُنَ > حَسَن. تَحْسِين = بهتر بنائڻ. سينگار] تعريف – ساراهه – واکاڻ. پسنديءَ ۽ خوشيءَ جي اظهار جو لفظ – آفرين – شاباس.

– **تَحْسِين جوگو:** ذ. صفت پسنديءَ جهڙو. واکاڻ جوگو – تعريف لائق.

• **تَحْصِيل:** ث. [ع. حَصَلَ > حَصَلَ. تَحْصِيل = حاصل ڪرڻ (مقصد). وصول ڪرڻ (ٻُسا)] پوريءَ طرح حاصل ڪرڻ جي حالت. تعليم جي تڪميل – سکيا حاصلات – نفعو. وصولي (ڏل وغيره جي). ڏل. محصول. تعلقو.

– **تَحْصِيلدار:** ذ. زمين جي ڏل وصول ڪندڙ عملدار – مختيارڪار.

– **تَحْصِيلداري:** ث. مختيارڪاري. ڏل جي وصولي.

– **تَحْصِيل ڪرڻ:** علم (تعليم) جي تڪميل ڪرڻ.

• **تَحْصِين:** ث. [ع. حَصُنَ > حَصَنَ. تَحْصِين = قلعي بندي ڪرڻ] مضبوط حفاظت. قلعي بندي.

• **تَحَفُّظ:** ذ. [ع. حَفِظَ > تَحَفُّظ (عَن) = بچاءُ ڪرڻ. حفاظت ڪرڻ] بچاءُ – سنيال – حفاظت.

• **تُحفو ج تُحفا:** ذ. [ع. تُحفَة = قيمتي سوڪڙي] سوڪڙي – سوغات. اُها شيءَ جا ڪنهن وٽان سوڪڙي نشاني يا تبرڪ طور ملي.

• **تحقيرُ:** ث. [ع. حَقْر. تَحْقير = ڪنهن ڏانهن حقارت سان نهارڻ] ذلت – حقارت. نفرت.

• **تحقيقُ ج تَحْقِيقُونْ:** ث. [ع. حَق > حَقّ. تَحْقيق = خاطري ڪرڻ. ثابت ڪرڻ. سرڪاري طور جانچ ڪرڻ] اصليت معلوم ڪرڻ جي حالت (ڪنهن واقعي يا شيءِ جي). دريافت – جانچ – ڳولا. يقين. پڪ.

– **تَحْقِيق ڪرڻ:** پڪ ڪرڻ. يقين ڪرڻ – جانچ ڪرڻ. اصل واقعات متعلق چند چاڻ ڪرڻ. ثبوت هٿ ڪرڻ.

– **تَحْقِيقِي ج تَحْقِيقِي:** صفت. پڪو. ثابت.

• **تَحْقِيقات:** ث. [ع. تَحْقِيق ج تَحْقِيقات] ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت جانچ.

– **تَحْقِيقات ڪرڻ:** ڪنهن ڏوهه جي جانچ ڪرڻ. سرڪاري طور جانچ ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ. اصل ڳالهه معلوم ڪرڻ. صداقت جي ڳولا ڪرڻ. واقعات جي چند چاڻ ڪرڻ.

• **تَحْلِيلُ:** ث. [ع. حَلّ (= چدو ڪرڻ. ڳارڻ) > تَحْلِيل] حل ٿيڻ جي حالت. جُزن ملڻ جي حالت. ڪنهن ذاتوءِ جي ڳرڻ جي حالت. ڳارو – آڏڪ. ٻيهي يا ڳاري جذب ڪرڻ جي حالت (جيئن جملي شيون پاڻ ۾ ملي جذب ٿي وڃن). هاضمو – ڳارو (کاڌي جو پيٽ ۾). جزا ڪرڻ – ڪنهن شيءِ جي جزن کي ڌار ڌار ڪرڻ جي حالت. حَل – پچڻي. [ع. حَلل. تَحْلِيلاً = جائز ڪرڻ. حلال ٿيڻ] حلال ٿيڻ جي حالت. ذبح. جائز. حلال. حق. حق جو نالو – حق جو ذڪر آن جي تندن جيئن ٿي تحليل. ذڪر هو ذاتي "امتنار راجڙ".

– **تَحْلِيل ڪرڻ:** ڳارڻ. پچائڻ – هضم ڪرڻ. حَل ڪرڻ. ضعيف ڪرڻ. جزن کي جدا جدا ڪرڻ.

• **تَحَمُّلُ:** ذ. [ع. حَمْل > تَحَمُّل. تَحَمُّلُ = بار کڻڻ. برداشت ڪرڻ] برداشت – شهپ. ڏيرج – ڪاند – صبر. بردباري – وڏ گنردائي.

– **تَحَمُّل ڪرڻ:** ڏيرج ڪرڻ – صبر ڪرڻ. برداشت ڪرڻ.

• **تَحْوِيلُ:** ث. [ع. حال > حَوَل. تَحْوِيل = بدلائڻ. سونهڻ. پهچائڻ] تبديل. قبرگهير (مڪان يا قبلو جي). حوالي يا قبضي ۾ ڏيڻ جي حالت – سپردگي. ڪنهن ستاري ۾ هڪ برج مان نڪري ٻئي برج ۾ وڃڻ جي حالت.

– **تَحْوِيلات:** ث. حوالي ڪرڻ جي حالت – سپردگي.

– **تَحْوِيلات ۾ ڏيڻ:** ڏوهيءَ کي پوليس. ڪورٽ يا جيل جي حوالي ڪرڻ.

• **تحيه:** ث. [ع] تعظيم ڏيڻ ۽ سلام ڪرڻ.

• **تَحَيُّرُ:** ذ. [ع. حار > تَحَيُّر. تَحَيُّرُ = حيرت ۾ پون] تعجب – حيرت. پريشاني – سراسيمگي.

• **تخاطيب:** ذ. [ع] روبرو جوڙ.

• **تَخْتُ ج تَخْتَہ:** ذ. [ف < زند. ثْوَخْشْتَ] بادشاه جي وهڻ لاءِ اوچي هنڌ تي رکيل خاص مسند. مَسْنَدُ – گادي. بادشاهي – سلطنت – حڪومت. پلنگ – صندل. ٻيڙيءِ جو اڳيون پاسو. نانگ جو هڪ قسم (جنهن کي منهن تي وار ٿين).

• **تخت بخت:** ذ. پاڳ سڀاڳ. عيش آرام.

– **تَخْت تاراج ڪرڻ:** ڦٽائي ناس ڪرڻ.

– **تَخْت تان لاهڻ:** گادي‌ءِ تان لاهڻ. بادشاهي کسڻ.

– **تَخْت تي ويهارڻ:** گادي‌ءِ تي ويهارڻ. بادشاهي هلائڻ جي اختياري ڏيڻ.

– **تَخْت جِڏڻ:** بادشاهي جڏڻ.

– **تَخْت پوشُ ج تَخْت پوش:** ذ. تخت جي مٿان وڇهڻ جو غلاف. تخت جي مٿان وڇائڻ جو ڪپڙو.

– **تَخْت رَوانْ:** ذ. بادشاهن جي سواريءِ جو تخت. اُڏند ڪٽولي.

– **تَخْت سُلَيمانْ:** ذ. حضرت سليمان عليه السلام جو تخت. اُڏامندڙ تخت. سليمان جبل جي چوٽي.

– **تَخْت طاؤسْ:** ا سر. خاص. شاهه جهان بادشاهه جو نهرايل مور جي شڪل جهڙو تخت.

– **تَخْتگاهُ ج تَخْتگاهُ:** ذ. گاديءِ جو هنڌ. دارالحڪومت. راجڌاني.

– **تَخْت نشين:** ذ. صفت. [ف] تخت تي ويهندڙ. بادشاهه. حاڪم.

– **تَخْت نشيني:** ث. [ف] تخت تي ويهڻ جي رسم – تاج پوشي. حڪومت.

– **تَخْت يا تَخْتو:** محاورو. بادشاه جو مسند يا ميت کي وهنجارڻ لاءِ ڦرهو. فتح يا موت. سوپ يا هار. بادشاهي يا گدائي.

• **تَخْتو ج تَخْتا:** ذ. [تَخْت > تَخْتو] ڪاٺ جو ويڪرو ۽ لسو پاتيو. ڦرهو (غسل لاءِ). طاق (دروازي لاءِ). ڏَرُ – تاڪُ (ڪپڙي جو) (ث) تَخْتي ج تَخْتيُونْ.

– **تَخْتا پوشُ ج تَخْتا پوش:** ذ. تختن جي ٺهيل صندل تي وڇائڻ جي چادر. تختن جي ٺهيل ڪٽ. تختن جي ٺهيل ڇت جي تختن تي ٽيل ڪلڪاري.

– **تَخْتا ڏيڻ:** ظلم ڪرڻ. ناس ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ. جوريون ڪرڻ.

– **تَخْتائون ج تَخْتاوانْ:** ذ. صفت. تختن جو – تختن وارو. تختن مان ٺهيل.

– **تخت اونڈو ڪرڻ:** گاديءِ تان لاهڻ – بادشاهي کسڻ. برباد ڪرڻ.

تباه كرڻ.

– **تَخْتو تَخْتو كرڻ:** جدا جدا كرڻ. ناس كرڻ.

– **تَخْتو تَخْتي كي نه لڳڻ:** بلكل جدا ٿيڻ بلكل برباد ٿيڻ.

– **تَخْتو كِيڏ:** بيرن هيٺان قرهو كيڏ. دغا كرڻ – دوكو ڏيڻ. حيران كرڻ. پريشان كرڻ.

• **تَخْتي ج تَخْتِيُون:** ث. [تخت > تَخْتي] ننڍو تختو. تختي جو تكر. پتي – قرهي. بيل گاڏيءَ ۾ گاڏي هكلينڊ جي ويهڻ لاءِ پتي.

• **تَخْرِيبْ:** ث. [ع. خَرِبُ > خَرب. تَخْرِيبْ = برباد كرڻ. تباه كرڻ] بربادي – تباهي – ويراني.

– **تَخْرِيبي:** صفت. خرابي كندڙ. قتائيندڙ.

– **تَخْرِيبي كارروائي:** ث. خرابي پيدا كندڙ عمل. تباهي كندڙ عمل.

• **تَخْصِيصْ:** ث. [ع. خَص > خَصَصَ. تَخْصِيص = كنهن كي كم لاءِ خاص طور چونڊڻ. مخصوص كرڻ] مخصوص كرڻ جي حالت. خصوصيت. تميز.

• **تَخْفِيفْ:** ث. [ع. خَفّ > خَفَّفَ. تَخْفِيف = هلكائي كرڻ. بار لاهڻ] هلكائي. كمي – گهٽتائي. چاند. كٽر (خرچ ۾). افاقو – آرام (بيماريءَ ۾).

– **تَخْفِيف كرڻ:** هلكائي كرڻ. گهٽائڻ – كمي آڻڻ.

• **تَخَلُّصْ:** ذ. [ع. خَلَصَ (= پورو ٿيڻ) > تَخَلَّصَ. تَخَلُّصْ (مِنْ) = آجو ٿيڻ] شاعر جو مختصر نالو يا لقب (جو هو نظم جي آخر ۾ آڻي. نظم كي پورو كري ۽ پاڻ انهيءَ نظر كان آجو ٿئي).

• **تخليه:** ذ. [ع] اكيلائي – خلوت.

• **تَخْلِيقْ:** ث. [ع. خَلَقَ (= پيدا كرڻ) > تَخْلِيق] پيدا كرڻ جو عمل. كائنات – دنيا.

• **تخليل:** ث. [ع] خيال كرڻ – وضوءَ دوران وارن يا آڱرين جي وٽين ۾ پاڻي سان سر كرڻ – سوءَ.

• **تُخْمْ ج تُخَمْ:** ذ. [زند. تُوخْمَ؛ ف. تُخْمْ: سن. توكْمَ] بيج. ڪٽو – داڻو. نطفو. اولاد. نسل. بنياد.

– **تُخْمْ بالا:** ذ. پسارڪي وكر جو هڪ قسم – تلسيءَ جو بيج – تخم بالنگو.

– **تُخْمْ ريحان:** ذ. پسارڪي وكر جو هڪ قسم – نازبوءَ جو بيج.

– **تُخْم ريزي:** ث. [ف. تخم + ريزي > ـيختن = هارڻ] بيج هارڻ. بيج چٽڻ.

– **تُخْم كاهُو:** ذ. پسارڪي وكر جو هڪ قسم – كاهُوءَ جو بيج.

• **تَخْمِينو ج تَخْمِينا:** ذ. [ع. خَمَنَ (= اندازو كرڻ) > تَخْمِين] اندازو (ڳڻپ يا تور جو) – ڪٽ – اٽكل لاءِ وزن. سرسري حساب.

• **تَخْمِيناً:** ظرف. اٽكل روءِ ۽ اندازاً – لڳ ڀڳ.

• **تَخْمِينو كرڻ:** اندازو لڳائڻ – اٽكل روءِ ڪڍڻ.

• **تَخَيُّل ج تَخَيُّلات:** ذ. [ع. خالَ > تَخَيَّلَ. تَخَيُّلَ = خيال ويچارڻ] تصور. ويچار. خيال. سوچ.

• **تدارپو:** ذ. [ع. تَدارُكُ] بلو – اُپاءَ – تدارڪ

• **تَدارُكْ:** ذ. [ع. دَرَكَ > تَدارُك = جاري ركڻ (سفر). پوئواري كرڻ] ناجائز ڪم كي روڪڻ جو انتظام. پوئواري. اُپاءَ – بلو. جتن – كوشش. انتظام – بندوبست. كنهن سان ٿيل ناانصافيءَ جي تلافي لاءِ كوشش. انصاف لاءِ عملي قدم. مرمت – درستي. چارو – علاج. سنڀال – احتياط.

– **تَدارُك كرڻ:** بلو كرڻ – اُپاءَ كرڻ. كوشش كرڻ. سعيو كرڻ. بندوبست كرڻ.

• **تَدَبُّرْ:** ذ. [ع. دَبَرَ > تَدَبَّرَ. تَدَبُّر = نتيجن تي سوچڻ] دوراندیشي. اڳكتي. سياڻپ. غور – ويچار.

• **تَدْبِيرَ ج تَدْبِيرُنْ:** ث. [ع. دَبَرَ > دَبَّرَ. تَدْبِير = انتظام كرڻ. سٺي نموني ۾ حكومت هلائڻ. فيصل كرڻ] بندوبست – انتظام. اُپاءَ – تدارڪ كنهن ڪم لاءِ اڳ پوءِ جو ويچار. دوراندیشي. سوچ – فكر – غور. خيال – انديشو. تجويز. علاج – چارو – حيلو – جتن – كوشش. صلاح – مت. سياڻپ – ذاهپ. حرفت. اٽكل.

• **تدابير:** ث. [ع] 'تدبير' جو جمع. اٽكلون – حيلا.

• **تَدْرُوپ:** صفت. [سن. تَتْ = اهو + روپ = شكل] ساڳئي روپ وارو – هڪ روپ – هڪ شكل.

– **تَدْرُوپ ٿيڻ:** جذب ٿيڻ – لئي ٿي وڃڻ. يكرنگ ٿي وڃڻ (آتما جو آتما سان) 'تريا ۾ تدروپ ٿيو' (سامي).

• **تَدْرِيجْ:** ث. [ع. دَرَجَ > دَرَّجَ. تَدْرِيج. آهستگيءَ سان ڪم كرڻ] درجيوار سلسلو.

– **تَدْرِيجاً:** ظرف. درجيوار. سلسليوار.

• **تَدْرِيسْ:** ث. [ع. دَرَسَ > دَرَّسَ. تَدْرِيس = سيكارڻ] سكيا – تعليم.

• **تَدْفِينْ:** ث. [ع. دَفَنَ (= پورڻ. ڍڪڻ) > تَدْفِين] جنازي كي دفنائڻ جو ڪم. كفن دفن.

• **تَدْفِيْنْ:** ث. [ع. دَفَنَ (= پورڻ. ڍڪڻ) > تَدْفِيْن] جنازي كي دفنائڻ جو ڪم. كفن دفن.

• **تَدْقِيقْ:** ث. [ع. دَقّ > دَقَّقَ. تَدْقِيق = ڏري ڏري جانچڻ. تفصيل سان معائنو كرڻ] پوري غور سان جانچ. ڳوڙهيءَ سوچ سان معائنو.

علمي تحقيق.

• **تَدْوِين:** ث. [ع. دَانَ > دَوَنَ. تَدْوِين = لکيتن ۽ مضمونن جو انتخاب ڪرڻ] مضمونن جي ترتيب. مواد گڏ ڪري ڪتاب جوڙڻ جي ترڪيب. علمي تاليف.

• **تڏ، تڏ:** ظرف. تڏهن. تڏاڪون.

• **تڏ ۾ تڏون:** ث. [س. تَدَ = پاڻ ڏانهن ڇڪڻ] هڪ طرف ڏانهن ڇڪ – تاڏ (ت). مخالف زور. جهلڻ – ٽيڪ – آڏ. آڌار. ٽوڙ – آڪڙ.

– **تڏ ڏيڻ:** زور ڏيڻي هڪ طرف جهلڻ. ملهه ۾ آڏي هٿ سان زور ڏيڻي مخالف کي پاڻ ڪان پري جهلڻ. زور ڏيڻ. ڪاڻي ۽ کي آڏ ڏيڻي جهلڻ.

– **تڏ ۾ ڏ:** ڏ. صفت. تڏ ڏيندڙ (ڪوڙا ملهه اکثر هڪٻئي کي تڏي (پري) جهلينداآهن). آڙي ڪندڙ. آڪڙ ڪندڙ. وڏائي خور. هٺيلو.

– **تڏڻ ڏيڻ:** آڏا زور لاڻ. مخالفت ڪرڻ.

• **تڏ** (ت): ث. تڏي جي ڪنار. ميدان – زمين.

• **تڏ، تڏ ۾ تڏڻ، تڏيڻ:** ث. جيت جو هڪ قسم. پوڪن. ڪپڙن وغيره کي نقصان رسائيندڙ جيت (هن جيت جا ڪيترائي قسم آهن: ۱. گهرو تڏ: جا اڇي رنگ جي ٿئي. ۽ وڏا وار مُڇن وانگر ٿيندا ۽ ڪپڙن ۽ ڪاغذن کي ڪٽي. ۲. ٻڌن جي تڏ: آر. ۳. ٻوڪ جي تڏ: جا سلن کي اُپرڻ وقت ڪائي ۽ تبڪيون ڏيئي اُڏامي). مڪڙ (ت). ٻونگ (مڪڙن جي).

– **تڏ ڏيڻ:** لغڙ کي جڳي ۽ طرح اَسرڻ لاءِ آڻجي ۽ کي موڙو ڏيڻ.

– **تڏ وانگر ٽيڪڻ (ت):** لڪاتار دانهون ڪرڻ.

• **تڏاڪون:** ظرف. تڏهن ڪان.

• **تڏ ۾ تڏي ۾ تڏ ڀڙيون (ل):** ث. تمام نندڙي تڏڙي – جيتامڙي. تمام نندڙي شيءِ.

• **تڏڻ:** مصدر. ڏڪڻ – زور سان ڏڪي پري ڪرڻ. ڇڪ ڏيڻ – سٽ ڏيئي هٽائڻ. (تڏيو – تڏيندو – تڏيل).

• **تڏو ۾ تَڏا:** ڏ. قميض يا ڪجيءِ جي ڦرهن جو ٽهيل ويڇاڻو – پڙچ – ڇٽائي. رهڻ جو هنڌ. گهر. منزل. مرڻي جو پٿر.

– **تڏا ويڙهه:** ث. تڏن ويڙهڻ جي حالت. دَر پُور. تباهي.

– **تڏا ويڙهه ڪرڻ:** تڏا ويڙهي پڇڻ. جهگڙو ناس ڪرڻ.

– **تڏائي ۾ تڏائي:** ڏ. صفت. تڏا ناهيندڙ – تڏن وارو.

• **تڏو ٽوڙي:** ث. گهرگهات – نام ٺڪاڻو. مڪان – آستان.

– **تڏو پٽائڻ، ڪٽائڻ:** ڪنهن جو گهر پٽائي ڪيس لڏائي ڪڍڻ. هميشه لاءِ هڪالي ڪڍڻ.

• **تڏو پٽجڻ:** بي گهر ٿيڻ. برباد ٿيڻ – تباه ٿيڻ. نالو نيشان نه رهڻ.

– **تڏو ڪنو ڪرڻ:** مهمان يا گهر آيل ماڻهوءَ سان خراب هلت هلڻ. پنهنجي ناموس ٻوڙڻ.

– **تڏو لٽائڻ:** خراب نيت سان ڪنهن جي گهر جي حدن ۾ داخل ٿيڻ. گهر مان چوري ڪرڻ.

– **تڏو وساڻ:** اباڻو گهر آباد ڪرڻ. وڏن جو ويڙهو وساڻڻ. پيءُ ڏاڏي جي روايت کي زنده رکڻ. گهر ۾ ويهي اباڻو ڏندو اختيار ڪرڻ. اباڻي ڏندي کي پوريءَ طرح هلائڻ.

– **تڏو ويڙهڻ:** جاءِ چڏي هليو وڃڻ – لڏي وڃڻ.

– **تڏي اچڻ:** تڏي تي اچڻ. گهر اچڻ. وطن پهچڻ.

– **تڏي تي آڻڻ:** گهر اچڻ. مهمان تي اچڻ. رويرو ٿيڻ. معافي ونڊ خاطر هلي اچڻ.

– **تڏي تي ويهڻ:** عذر خواهي ڪرڻ لاءِ تڏي تي ويهڻ. پٺر تي ويهڻ.

– **تڏي جو ننگ پوڻ:** پنهنجي گهر يا عزارت جو شرم پوڻ. مڙي وڃڻ. لحاظ ڪرڻ.

– **تڏي ڇڙهڻ:** ڪنهن جي گهر لنگهي وڃڻ (صلح يا معافي لاءِ).

• **تڏي وارو:** صفت. گهرگهات وارو – مڙس ماڻهو. مهمان نواز.

– **تڏي وڃڻ:** عذر خواهيءَ لاءِ وڃڻ. پٺر تي وڃڻ.

– **تڏي ويهڻ:** ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ.

– **تڏي ويڙهه ٿيڻ:** گهٽا موت ٿيڻ. هڪ به نه بچڻ. گهر جي سڀني پاتين جو مرڻ.

• **تڏو ۾ تڏا:** ڏ. جيت جو هڪ قسم (جو تڏ جهڙو پر تڏ کان وڏو ٿئي).

• **تڏي جان ٽوڙڻ (ت):** بکواس ڪرڻ. ٽر ٽر ڪرڻ.

• **تڏهانڪي، تڏهانڪو:** ظرف. [سن. تَدِيَ = تنهن ڏينهن + آنْكر = وقت جي حد] تنهن ڏينهن جي وقت کان وٺي – تنهن وقت کان وٺي – "جڏهانڪر" جو ضد.

• **تڏهن به:** ظرف. تنهن هوندي به – باوجود.

• **تڏهين:** ظرف. [سن. تَدِيَ] تنهن وقت – ان وقت ٻوءِ. تڏهين. "جڏهن" جو ضد.

• **تڏهوڪو ۾ تڏهوڪا:** ڏ. صفت. تنهن وقت جو – ان وقت جو. "جڏهوڪو" جو جواب موصول يا ضد.

• **تڏهوٽڪو ۾ تڏهوٽڪا:** ڏ. صفت. تڏهوڪو. تڏهرتو.

• **تڏهوڻو ۾ تڏهوڻا:** ڏ. صفت. تڏهوڪو – تڏهوٽڪو.

• **تڏهينْ:** ظرف. [سن. تَدِيَ = تنهن ڏينهن] تنهن ڏينهن – تڏهن. تنهن وقت – تنهن ويل. "جڏهين" جو ضد.

• **تڏي ۾ تڏيون:** ث. نندو تڏو. ٽوڙ – آڪڙ (ت).

– **تڏي ڇڏڻ (ت):** آڪڙ ڇڏڻ – هٽ ٽوڙڻ.

• **تڏي:** ث. ڪٽڻ جو هڪ قسم (جنهن جو داڻو نندو ۽ سخت ٿئي).

• **تڏي ڇ تڏيون:** ث. تڏ. تڏو (جو اڪثر پوکن کي نقصان رسائي. هيٺين چپ جي هيٺان وڃ تي ڇڏيل وار.

• **تذبذب:** ذ. [ع. ذَبْذَبَ (= لٽڪڻ) > تَذَبْذَبَ] پڌڙ – فڪر ۽ ويچار (ڏ ڪيئن ڪجي). بيقراري. تردد.

• **تذڪرو ڇ تذڪرا:** ذ. [ع. ذَكَرَ، تَذَكَّرَ (= ياد ڪرڻ) > تَذْكِرَة] ذڪر – بيان. يادگيري. سوانح عمري. يادداشت.

• **تذليل:** ث. [ع. ذَلَّلَ (= ٻي آبرو ڪرڻ) > تَذْلِيل] ذلت. بيعزتي. خواري.

• **تڙ:** صفت. [ف] آلو – پسيل. پاٽيانو. گهميل – مرطوب. تازو – سبز. نرم. سٽهو. "خشڪ" جو ضد

– **تڙبڊ:** ث. آلي پتي (جا زخم تي پڌجي).

– **تڙداهن:** صفت. گنهگار – عاصي.

– **تڙدماغ:** صفت. تازه دماغ. هوشيار. خوش.

– **تڙلڦو:** ذ. عمدو ڪاوڙ. سٽهو گراف.

– **تڙو تازو:** صفت. سرسبز رونق وارو.

– **تڙي:** ث. آلاڻ – نمي. تازگي.

• **تئر تر ڇ تڙون، تڙيون:** ث. اهو مضبوط سگهو يا ڏاس جي وٽيل سنهي نوڙي جا اٽ جي نڪ جي چونٽيء ۾ ٽنگ ڪري پڌندا آهن (جيئن اٽ مَسْتي نه ڪري ۽ سوار جي قبضي ۾ رهي: تَرخاص ڪري ڏنگي اٽ کي هٿندا آهن). ترهو (ڪڪن جو) "لام لهريون لس اڇيئون، تو ري نه ڪر ترهو نه تر" (صاحبڏنو). پنج ست خالي صفّ هڪيئي سان سلهاڙي ٺاهيل ترهو. ٽلهيءَ ڪاڻيءَ کي ڪهاڙي سان ترڻ وقت لٽل چوڙا – دوڳيءَ جي چلّ.

• **تَرُ ڇ تَرَ:** ذ. [سن. تَل = تارو] تَرو. پاڻيءَ جو هيٺيون دنگ (درياءَ يا کوهه وغيره جو). ڪنهن به شيءِ جو هيٺيون پاسو. هيٺيون تهه. جُتيءِ جو تري وارو پاڳو. بنياد. مٺاڇرو – سطح (زمين جو). آسپاس – پسگردائي. ويجهي چڪ – ويجهڙائي. ڪيڙيل زمين کي هڪ ساريکو ڪرڻ لاءِ ڪاٽ جي چورس دوڳي (جنهن کي ڊڳا چڪيندا آهن ته ڪٽ ۽ واري ڪيڙيل يا اڻ ڪيڙيل زمين سڏي ٿي وڃي) – ڪاٽ جو سيڌوَر. ڪيڙي جي اُٽ. گهاتائي (پوک يا ڪيڙي جي). ديگهه. (ڪيڙي جي "تَرَ" ۽ "بَرَ" جي). سَرن جا سَڪل بورا (جي گهرن جي چنين ڏکڻ جي ڪم اچن). شرط ۾ لڳايل رقم. (صفت) لاڄهو – هيٺو – مرٽينگ (ت).

– **تَرُ ٻڌجڻ:** پيڙهه پڪي ٿيڻ. پٺسي وارو ٿيڻ.

– **تَرُ ٻڌڻ:** پيڙهه پڪي ڪرڻ. ترتي ڪرڻ. پٺسو گڏ ڪرڻ.

– **تَرُ ٿيڻ:** صفا سچ ٿيڻ. ڪوٽ ٿيڻ.

– **تَرُ ٻاهر ڪڍڻ:** آسپاس جي خبر چار وٺڻ. راز لهڻ – منجهه هٽ ڪرڻ

– **تَرُ چڏڻ:** زور چڏڻ – طاقت چڏڻ. تُرهي جو درياءَ ۾ ٿئي ٻوڏ.

– **تَرُ رکڻ:** موجودات رکڻ. لڪائي بچت ڪرڻ. لڪل هٿ تي گڏ ڪرڻ.

– **تَرُ ڪرڻ:** پٺسو بچت ڪرڻ. گر ڪرڻ (پٺسا). چورائڻ (رقم) برباد ڪرڻ – ويران ڪرڻ.

– **تَر کان اڳي بَرُ کائڻ:** پورت نه ٻوڙ. ڪوٽ ۾ رهڻ.

– **تَر ڪوٽ:** ث. ڪمي – گهٽتائي – ٽوڙائي.

– **تَرڪوٽي هڻڻ:** بازار يا گهر ۾ ڪنهن شيءِ جي موجودات نه هڻڻ.

– **تَرُ لهڻ:** سُڌ سماءُ لهڻ. خبرچار وٺڻ. منجهه لهڻ. ڪوهه يا تلاءَ جو ترو جانچڻ.

• **تِرُ ڇ تِرَ:** ذ. [سن. تِل] مشهور تيلي ٻج جو هڪ قسم (جو خريف ۾ پوکجي. اُن جو ٻوٽو سڌو مٿي اُسري ۽ اُٺ گهٽو ڪائيس). تيلي ٻج جو ٻوٽو. تيلي ٻج جو داڻو (جو اڇو يا بعضي ڪارو ٿئي: تڪندو وڃ ۾ ليڪ: مقدار ۾ سنهڙو ۽ نندڙو) – ڪنجد (ف) – sesame (انگ). تِرُ جيڏڙو نندڙو ڏرڙو – ڪاب نندڙي ڏرڙي شيءِ. ڏرو. بدن تي ڪارو داغ. خال (ف).

– **تِر بوڑ ٻڌو:** ذ. تِرن ۽ مٺاڻ مان ٺهيل مٺائيءَ جو گول گوڙهو.

– **تِر پَرڻ (ل):** پرٽي. لاٽڻ ۽ نڪيتيءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جو ٻڪ پري ترمٽا سٽا ڪرڻ.

– **تِر تان گنسڻ:** بلڪل ٽوريءَ وڃوتيءَ تان نشان جو گنسڻ. گهڙي ساعت جي دير سببان موقعو هٿان وڃائڻ "تر جي گئي. سؤ چوٽون کائي".

– **تِرُ تيرهن پتيون ڪرڻ:** ٽوڙڻ شيءِ ۽ پتيون ڪري ورهائڻ. هر ڪا شيءِ وندي وڃي ڪٽڻ يا کائڻ.

– **تِرُ ٿِت تي نه ٻوڙ:** بي انداز ماٺهن هٽڻ سببان زمين تي ڏري جيتري به جاءِ نه هجڻ. ڪاب وٽي يا خالي جاءِ نه هٽڻ.

– **تِر جيترو هٽڻ:** ذرڙو هٽڻ. زرڙي جيترو هٽڻ. بلڪل ٽوريو هٽڻ. تمام گهٽ هٽڻ.

– **تِرُ ڇڏڻ جي جاءِ نه هٽڻ:** ڏري جيتري به جاءِ نه هٽڻ. تمام گهڻا ماٺهو هٽڻ.

– **تِرُ ڇڏڻ جي جاءِ نه هٽڻ.** ڏري جيتري به جاءِ نه هٽڻ. تمام گهڻا ماٺهو هٽڻ.

– **تِر سَوڙ:** اڻ بڻت ٿيڻ – دشمني ٿيڻ (عام وهم موجب گهوٽ ڪنوار جا ونديل تِر جيڪڏهن سازبا نه سندن وڃ ۾ دشمني پيدا ٿيندي).

– **تِرَ سَنْوان نہ ٹیڻ:** اُميد پوري نہ ٹيڻ، پورو داءُ نہ لڳڻ.

• **تِـرَ قِـيڙ:** مصدر. لڳڻ پڄڻ "تو تر قِري تو ڏي. مٽي اکن آکڙي" (قطب شاه).

– **تِرَ مُڳ ڏار ڪرڻ:** قطع تعلقات ڪرڻ. علحدگي اختيار ڪرڻ. صفائي ڪرڻ.

– **تِرَ هڻڻ:** تِر پرڻ يا تورڻ.

– **تِـرَ ونڊ:** تِر ورهائڻ. خيرات طور منائي يا طعام ورهائڻ.

• **تِيرُ ج تِيرَ:** ذ. بدن تي ڪارو داغ (جيڪو قدرتي هجي يا سرمي وغيره سان ناهجي) – خال (ف).

• **تِيرُ ڪِيڻ:** چهري تي سونهن لاءِ يا نظر کان بچڻ لاءِ سرمي يا ڪجل جو ٽيڪو.

• **تَرِ ج تُرِيُونْ:** ث. اُٽيل ڪپڙي کي ويڑهڻ لاءِ هڪ جورس ڪاني (جا ڪڏي جي اڳيان لڳل هوندي آهي ۽ ان تي اُٽيل ڪپڙو ويڑهيو آهي. هيءَ ڪاني اتڪل ڇهه فوٽ ڪن ڊگهي ۽ تي انچ هر جورس هوندي آهي).

• **تُرابُ:** ث. [ع] مٽي – خاڪ زمين. (ڪناية) خاڪساري. انڪساري – نياز. نيستي – فنا "سو نہ ڪنهن شيءِ ۾. جيڪين منجهه تُراب" (شاهه). (اسم خاص) تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **تُرابي:** ذ. صفت. خاڪي – مٽيءَ واري.

• **تراجم:** ذ. [ع] 'ترجمه' جو جمع. ترجما (ڪتابن جا).

• **تراچو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَرَارُ، تَرارِ ج تَرارُنْ، تَرارُون:** ث. [هـ. تَرارُ، تَرارْ] تلوار – شمشير.

– **تَرارُ ڪِيڻ:** ميان مان تلوار باهر ڪڍڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

– **تَرارُ هڻڻ:** تلوار جا ڏڪ هڻڻ. تلوار سان وڙهڻ. جهيڙو ڪرڻ. مڙسي ڏيکارڻ.

– **تَرارُ هيڻان لنگهائڻ:** مارڻ – قتل ڪرڻ.

• **تَرارو:** ذ. تولي جي وزن جيترو وٽ "تراري تِـر جيترو ڪرين ڪونہ ترس" (خانڦڙي).

• **تَرارَ ج تَرارُون:** ث. تَرار.

• **تَرارْ (ڪ):** ذ. ڪوڙ سخت تراکڙو پٿر. ڪجهه مفاصلي تائين ڪڙيل هموار ٿيٽ. هن ڏن ميلن ۾ ڪو پٿرن وارو ڪڙيل ميدان.

• **تَرارُو ج تُرارا:** ذ. [سن. تَلْ = تورڻ] تارازي – ساهمي. ساهميءَ جو هڪ پڙ. وَٽ – تورو.

• **تَرازي:** اسم خاص. تعلقي نٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تُرازِي (ل):** ث. [سن. تَلا – تَرِي] ساهمي – تارازي. ڪاڇڙ رکڻ لاءِ ننڍڙو پيلهنگ.

• **تَرازْ:** ث. ڏسو "طراز".

• **تَرازُ ج تَرازْ:** ذ. ننڍي پيڙي – تَراڙ "تنهنجو اڄ تراڙ. آهي آر اکين ۾" (شاهه).

• **تَرازْڻ:** مصدر. چلڻ – تَراشڻ. ٽُرڻ (مڇي وغيره).

• **تَرازو ج تَرازا:** ذ. [ع. ظَرّاد] پيڙيءَ جو هڪ قسم (هلڪي ۽ ٽڪي پيڙي). پيڙي – ڪشتي "ترازو تاري. سُٽڙ سپيئي ڪري" (شاهه).

• **تَرازُ:** ث. ف [ف] ساهمي – تارازي. تارن جو هڪ ٽڪٽ – ٽيڙو.

• **تِراس:** ث. [سن. تِرْشَ = اَڄَ] اَڄ – پياس – تِيهَ. [سن. تُراسَهْ = دِپ] دِپ – خوف – ڀؤ.

• **تِراسِجَڻ:** فعل مجهول. [سن. تِرشَ = اَڄ] اُڃاڻجڻ – تاسجڻ. [سن. تُراسَه = دِپ] دِڄڻ – هراسجڻ.

• **تَراشْ:** صفت. [ف. تَراشِيدَنْ (= چَلڻ) > تَراش] چليندڙ (ڪاني وغيره) – ٽڪيندڙ (پٿر وغيره). مرڪب لفظن ۾ پويان اسم فاعل جي نشاني طور اينڊڙ "قلم تراش (= قلم گهڙيندڙ. چاقو). سنگتراش (= پٿر گهڙيندڙ) وغيره".

• **تَراشَ:** ث. [ف. تَراشْ] چلڻ ۽ لَسي ڪرڻ جي حالت (ڪاٺ وغيره). رندو هڻڻ جي حالت – رند – چِلّ.

• **تراش خراش:** ث. وڍ ٽڪ – ڪاٽ چانٽ.

• **تَراشِرو:** صفت. [سن. تَلْ = ترو] تراکڙو – چپٽرو. ويلر (زمين). تانگهو.

• **تَراشْڻ:** مصدر. [ف. تَراشِيدَنْ = چلڻ] چلڻ – چلي لسو ڪرڻ (ڪاٺ) – رندڻ. سنئون ڪرڻ – ترڇڻ. گهڙڻ (قلم) تراکڙو ڪرڻ. ڪٽڻ (وار) (تراشيو – تراشيندو – تراشيل).

– **تَراشو:** ذ. [ف. تَراشْ] ڪاڇيءَ يا قلم جي گهڙڻ مهل لڙل ڪَلَون – چِلّ.

• **تَراف:** ذ. پير "تيرڪي تان ۾ تراف، ٽوڙي جو تڙپيڙ ۾" (شاه عنات).

• **تراڪيب:** ث. [ع] 'ترڪيب' جو جمع. اتڪلون – نمونا – طريقا.

• **تَراڪِرو ج تَراڪِرا:** ذ. صفت. [س. تَلْ = ترو] تاسرو – ويڻوڙو – چپٽرو. موڪرو (ٿانءُ. جنهن جا ڪنا اَڀا نہ هجن) – تانگهرو. ويڪرو. ويلر ڪنارن وارو. (ث) تَراڪڙي ج تَراڪڙيُون.

• **تَرانْگهرو ج تَرانْگهِرا:** ذ. صفت. تَراڪرو.

• **تَرانو ج تَرانا:** ذ. [ف. تَرانَهْ] گانو – نغمو – گائڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ 'تانا' 'ترنا' جا بول ڏهرايا وڃن). پڪي راڳ جو هڪ گهٽ آلاپ لئي.

• **تَرانو (ٽ):** ذ. ڪُني يا ديگ جي تري کي ڍڪڻ لِيهڙ.

• **تَراوِيح، تَراوِيحُونْ:** ث. [ع. راح = آرام يا راحت ڪرڻ] نماز جون

ويهه رڪعتون جي رمضان شريف ۾ عشا نماز جي فرض کان پوءِ پڙهيون آهن (جيئن ته هر هڪ چئن رڪعتن ۾ ٿورو آرام ونجي ٿو تنهنڪري هن نماز کي تراويح نماز چئجي ٿو).

- **تَراهُ ج تَراهَ (ڪ)**: ذ. تلاءُ.
- **تَراهِي ج تَراهيون (ڪ)**: ث. تَرائي.
- **تَراءُ ج تَراءَ (ڪ)**: ذ. تلاءُ. ديرو. جشمو.
- **تَرائڻُ**: مصدر. "تَرڻ" مان متعدي بالواسطه. چلائڻ (ڪاڻي) ۽ رندائڻ. تڪائڻ (پٽر وغيره) تيل يا گيهه ۾ پچارائڻ (طعام). (ترايو ۽ ترائيندو ۽ ترايل).
- **تَرائي ج تَرائِيُونْ**: ث. چلائي. ترائڻ جي مزوري.
- **تَرائي تيل ڪرڻ**: ڪنهن شيءِ کي تمام گهڻو ترڻ (ايتري قدر جو اها شيءِ گهٽي ٿڙڻ سبب ڳري تيل ٿي وڃي). سخت سيڪت ڏيارڻ ۽ سخت سزا ڏيڻ.
- **تَرائي**: اسم خاص. روهڙي. شڪارپور. ڳڙهي ياسين. ميرپور ماٿيلي. فيض گنج. ميرپور بٺوري. ميرپور خاص ۽ ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **تَرائي ج تَرايُونْ، تَرائِيُونْ**: ث. [سن. تَلَ = ترو] هيٺانهين زمين (جتي سِرَ يا برسات جو پاڻي اچي بيهي ۽ سڌائين پوسل هجي). درياءَ جي پرواري هيٺاهين زمين. جابلو پاڳي ۾ هيٺاهين پاڳي واري زمين. وادي ۽ ماٿري ـ برسات جي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺاهون ٻنن ٻڌل ميدان (ڪ). تنديڙو تلاءُ (ل). ديري.
- **تَرائي ج تَرائِيُونْ**: ث. آڏاڻي جو هڪ اوزار ـ "تَرڻ" کي قيرائڻ لاءِ سيخ جو فوٽ ڪن ٽڪر.
- **تَرائي ڇڻ**: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تَرْبَت ج تُرْبَتُونْ**: ث. [ع. تُرْب، تُرْب، تُراب (= متي، زمين) > تُرْبَة = قبر] قبر ـ لوڙهه ـ ٻَني.
- **تَرْبَنْد**: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تَربوز تَرْبُوزو ج تَرْبُوزا**: [ف. تَرْبُوزَهْ] چانهين ـ هندائو.
- **تَرْبِيَت**: ث. [ع. رَبّي. تَرْبِيَة = نيائڻ. پالڻ (پارڙ). پرورش ڪرڻ] خود کي ۽ ماحول کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ لاءِ سکيا. زندگيءَ کي سڌي ۽ سجائي بنائڻ لاءِ تعليم ـ سکيا. پالنا ـ پرورش. پرداخت ـ سنپال. تلقين. سڏارو.
- **تَرْبِيت يافْتَهْ**: صفت. [ع. تربية + ف. يافته = ورتل] تربيت ورتل ـ سکيا ورتل. تعليم يافته.
- **تَرْبِنْگ**: ذ. صفت. جهڪيل ـ نميل ـ ويڙل.
- **تَرْپاڻ**: ذ. [سن. تَلَ = ترو ـ پاڻنا = سڌ] سڌ سماءُ ـ خبرچار ـ حال احوال. آسپاس جي خبرچار. ڪنهن به ڏر يا ماٿهوءِ جي اندر (جي خيال) جو اندازو. منجهه ـ راز. سودي جو رخ. وڪري جو اڳهه.
- **ـ تَرْپاءِ پوڻ**: سڌ پوڻ "ڏ" ڏسڻ ڪي هو ڪونه پيو. ان تارن جو ترپاءُ".
- **ـ تَرْپاءِ لهڻ**: سڌ سماءُ لهڻ. خبرچار هٿ ڪرڻ.
- **تُرْتَ**: ظرف. [سن. تُورَتَ < تُوورَ = تڪڙ ڪرڻ] جلدي ـ سٽت ـ تهتا ـ فوراً ـ جهٽ پٽ ـ يڪدم. ٽهه پهه. هن وقت ـ هينئر ـ سگهو ـ بنا دير.
- **تِرتِر**: ث. آڏ ماڏ ـ بي آرامي ـ لوڇ پوڇ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ نه هجڻ واري حالت ـ ڦٽڪو ـ ڇرپر. تڪڙو ۽ سنهون ڳالهاءُ ـ چرچر. بانائي.
- **ـ تِرتِر ڪرڻ**: بيجا ڇرپر ڪرڻ. اجائي تڪڙ ڪرڻ. تڪڙو ڳالهائڻ.
- **ـ تِرتِريو ج تِرتِريا**: ذ. صفت. اجائي اٽ ويهه ڪرڻ وارو. تڪڙو.
- **تِرتِل**: ذ. [سن. تُر = تي + تيل] تي تيل (سرنهه جو. جانپي جو ۽ ترن جو). ترن جو تيل. تيلي بيج.
- **تِرتُول (ڪ)**: ذ. هٽ ناٽ. ڪجيون. فريب. وساه گهاتي.
- **تَرْتِيبُنْ**: ث. [ع. رَتَّب. تَرْتِيب = ناهي رکڻ. سلسليوار ڪري رکڻ] درجي بدرجي (شين) رکڻ جي حالت. هڪٻئي پٺيان سلسليوار جوڙي رکڻ جو عمل. سٽاءُ. سلسلو. نمونو ـ سليقو. طريقو. نظام.
- **ـ تَرْتِيبِوار**: صفت. سلسليوار ـ نمبروار. سجلاٽو ـ لاڳيتو. باقاعدي.
- **ـ تَرْتِيبِي**: صفت. ترتيبوار. ترتيبوار نموني ۾.
- **ترتيل**: ث. [ع. رتل = سلسليوار ٽيڻ] قرآن شريف آهستي ۽ صاف پڙهڻ. آهستي ۽ مخرج سان حرف ادا ڪرڻ جو طريقو.
- **تُرْتُ ج تُرْتُونْ**: ث. ڪنهن جي هلڻ ڪري پيرن جي لڳڻ جو اڻ لکو آواز ـ آهٽ "پيرن جي ترت".
- **ترت**: ذ. ڪناري ـ ڪپ. گهيڙ "ڪو ڇهي ڪو ڪڍهين سندن پيرترت" (خانزئي).
- **تَرْتِجَڻُ**: فعل مجهول. [سن. تُرَتَ] ٽٽي پوڻ. پٽڻ ڪري بيزار ٽيڻ. ٽڪجي پوڻ. لٿون پوڻ (پٽڻ سبب پيرن ۾). ڪنهن شيءِ سان گهٽ يا لڳڻ سبب ٿورو ڪرندجڻ. گهٽي پٽڻ ڪرڻ سبب پيرن جو هيٺان ٿورو چلجڻ.
- **تَرْتَڻُ**: مصدر. گاسو ڪري چلڻ. (ترتيو ـ ترتيندو ـ ترتيل).
- **تُرْپ**: ذ. [انگ. تُرمْپ. trump] پتن جي پيڪوٽ راند ۾ پهرئين

راندیگر طرفان هولیل مکیہ رنگ (جنهن کي باقي تن رنگن تي فوقیت حاصل رهندي) – حَکَمُ.

– **ڏَرَب هولڻ:** رنگ نروار کرڻ – حکمر ٻڌائڻ.

• **ڏَرْجُمانُ ج ڏَرْجُمانَ:** ذ. صفت. [ع] هڪ بولي، جو مطلب بي، بولي، ۽ سمجهائيندڙ – ترجمو کندڙ.

– **ڏَرْجُمانِي ج ڏَرْجُمانِيونْ:** ث. هڪ بولي، جي بي، بولي، ۾ معنيٰ يا سمجهاڻي – ترجمو.

– **ڏَرْجُمانِي کرڻ:** کنهن جي بولي يا بيان کي بي، بولي، ۾ ترجمو کري ٻڌائڻ. کنهن تحرير يا تقرير کي سولي نموني ۾ پيش کرڻ.

• **ڏَرْجُمو ج ڏَرْجُما:** ذ. [ع. ڏَرْجمة = بيان. سوانح عمري] کنهن تحرير يا تقرير کي هڪ بولي، مان بي، بولي، ۾ آڻڻ جو ڪم. اُسارو.

• **ڏَرْجِيحَ:** ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ. ڏَرْجِيحَ: ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ. ڏَرْجِيح = وڌيڪ وزندار کرڻ. وڌيڪ پسند کرڻ] برتري – فوقيت. فضيلت. وڌيڪ قدر. ٻئي کان وڌيڪ پسندي.

– **ڏَرْجِيح ڏيڻ:** زياده قدر کرڻ – برتري ڏيڻ. هڪ ڳالهه کي بي، تي فوقيت ڏيڻ. تائيد کرڻ.

• **ڏَرْجِيعَ بَنْڈُ:** ذ. [ع. ڏَرْجِيعُ = ورائي ورائي جوڙ. مونائڻ + ف. بند < بنديدن = ٻڌڻ] شعر جي هڪ صنعت (کن مصراعن کي هر بند جي آخر ۾ اهڙي، طرح آڻڻ. جو بند جو مضمون انهن مصراعن سان ملي ٻيهي).

• **ڏَرْجُ ج ڏَرْجَ (ڪ):** ذ. جبل جي ٽڪرن ۾ تراکڙيون ڪڍون (جن ۾ برسات جو پاڻي ٻيهي جو جويايو مال پيئي).

• **ڏَرْجَ:** ث. چَلُ – تراش – رَنْدَ. رواڻي. ڏرجائي.

• **ڏَرْجَڻُ:** مصدر. چلڻ – تراشڻ. چوڌا لاهڻ. رَندڻ. ڪرڙڻ. (ترچيو – ترچيندو – ترچيل).

• **ڏَرْجو ج ڏَرْجا:** ذ. صفت. پاسيرو. ڪُنڊائتو. آڏو – ڏنگو. (ث) ڏَرْجي ج ڏَرْجيُونْ.

– **ڏَرْجائي ج ڏَرْجائيُون، ڏَرْجايُون:** ث. سڌي نہ هجڻ جي حالت – اڻپوري سڌ. ڪُنڊائپ. ذرا ڏنگائي.

• **ڏَرْجِي:** اسم خاص. تعلقي سڪرندڙ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏَرْخَرُ:** ذ. [ع] رحم – قياس – کهل. ٻاجهه. مهرباني – شفقت.

• **ڏَرْخانُ:** ذ. [ف. ڏَرْخ] ٻوٽي جو هڪ قسم (جو آچار ناهڻ ۾ ڪم اچي).

• **ڏَرْخانُ ج ڏَرْخانَ:** ذ. [ف. ڏَرْخان = مطلق العنان. ڇڙواڳ. بيباڪ] هڪ ترڪ قبيلي "ڏَرْخان" جو فرد.

– **ڏَرْخان گهراڻو:** اسم خاص. سنڌ جو هڪ حڪمران گهراڻو (جنهن سنڌ تي ۳۸ سال ڪن (۹۶۲ – ۱۰۰۰ هجري) خودمختار حڪومت ڪئي.

• **ڏَرْدُ:** [ع. زَدَ > ڏَرَدَ. ڏَرْدُ (اِلي) = وري وري وڃڻ. هيڪڙ] ٻڌڻ – سوچ ويچار.

• **ڏَرْدِلُ (ت):** ذ. ڪاڇ – وهاڻ – شادي.

• **ڏَرْدُوتُ، ڏَرْدُودُ:** ذ. ڏڪي – مڪر – فريب. دولاب – ڏوکو.

• **ڏَرْدِيدَ ج ڏَرْدِيدُونْ:** [ع. رَدَّ > رَدَّدَ. ڏَرْدِيد = مونائڻ] مخالفت ۾ بيان. کنهن ڳالهه يا بيان جو انڪار. رد. منسوخي.

– **ڏَرْدِيد کرڻ:** کنهن ڳالهه يا بيان کي رد کرڻ. کنهن تحرير يا تقرير ۾ جاڪايل ڳالهين جو انڪار کرڻ.

• **ڏَرْڏُ (ڪ):** ذ. ڳائي مال جو ولر.

• **ڏَرْرُ:** اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏَرْڙُ ج ڏَرْڙَ:** ذ. صفت. [سن. ڏر (= ترو) > ڏَرْڙ = ڏري نائين] ڏري تائين – ڏنهن جوڻي، تائين – سڄو سارو (ناڪار. بيڪار. نياڳو. چندو) "ڏرڙ چندو" "ڏرڙ نياڳو".

• **ڏَرْڙُ واري:** اسم خاص. ٽئن بارڻ ڪان ڏکڻ طرف هڪ جبل جو نالو.

• **ڏَرْڙي:** اسم خاص. تعلقي ڏنني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڏَرْس:** ذ. [ف. ڏَرْس = دِپ] دِپ – خوف – ٻڙ. رحم – قياس – ٻاجهه – کهل.

– **ڏَرس ٻوڙ:** رحم جو خيال دل ۾ ٻوڙ – رحم کائڻ – ٻاجهه ٻوڙ.

– **ڏَرس کائڻ:** قياس کرڻ – رحم کائڻ. کهل کرڻ.

– **ڏَرْسناڪ:** ذ. صفت. خوفناڪ – ٻوائتو.

– **ڏَرسونڊ:** ذ. صفت. رحمدل – ٻاجهارو.

• **ڏَرْسُ (ث):** ث. [سن. ترشنا] ڏهه – اَڇ – پياس.

• **ڏَرسِيو:** ذ. صفت. اُجايو. اُجايل.

• **ڏَرْسا:** ذ. صفت. [ف] آتش پرست – گبر. عيسائي – نصراني.

• **ڏَرْسائڻُ:** مصدر. ڏکائڻ – رهائڻ. ٻاڻ وٽ روکڻ. سيڙائڻ. دير کرائڻ. (ترسايو – ترسائيندو – ترسايل).

• **ڏَرسڻُ:** مصدر. رهڻ – ٽکڻ. دير کرڻ. سيڙهڻ. ويهڻ. انتظار کرڻ – واجهائڻ. [ف. ڏَرْس] ترس کائڻ – رحم کرڻ "اگهائي سگها ٽيا، جي وينا وٽ ويجن – نہ ترسي طبيبن. جيئي هوند جگا ڪيا" (شاهه).

• **ڏَرسُولُ ج ڏَرسُول:** ذ. [سن. ڏَرشول < ڏَر = تي + شول = ڪندون] هٿيار جو هڪ قسم. تن شاخن (ڪُندن) وارو پالو.

• **ڏَرسِيل:** ث. [ع. رسل = موڪلڻ] موڪلڻ – روانگي – روانو کرڻ.

• **ڏَرْشُ:** صفت. [ف] ڪُنو (ذائقي ۾). رکو. بدمزاج. ڪاوڙيل.

– **ڏَرْشاڻِ:** ث. ڪٽائ – ڪَٽائي. رنجيدگي.

– **تُرش ٹيڻ:** ڪنو ٹيڻ. رنج ٹيڻ. ڪاوڙجڻ.
– **تُرش روُ:** ذ. صفت. رک مَنهون. بد مزاج. ڪاوڙيل.
– **تُرشي:** ث. ڪٽائ. سختي. بدمزاجي. سخت ڪلامي.
• **ترشح:** ذ. [ع. رشح = پاڻي نڪرڻ] نڪرڻ (پگهر). ظاهر ٿيڻ. بُوند بُوند.
• **تَرْغِيبَ:** ث. [ع. رَغَبَ > رَغْب. تَرْغِيبْ = آماده ڪرڻ] رغبت. لالچ – حرص. شوق.
– **تَرْغِيب ڏيڻ:** آماده ڪرڻ. لالچائڻ. شوق ڏيارڻ. همٿائڻ.
• **تَرَقِّيَ ج تَرَقِّيون:** ث. [ع. رقي (= درجي بدرجي مٿي چڙهڻ. علم ۽ واڌارو ڪرڻ. درجي ۽ اضافو ملڻ] واڌارو – سڌارو. اضافو. چاڑهو. بلندي – اوج.
• **ترقي پزير:** صفت. وڌندڙ – واڌارو ڪندڙ – ترقي وٺندڙ.
• **ترقي ڪرڻ:** رتبو وڌڻ – عهدو وڌڻ. واڌارو ٿيڻ.
• **تُرڪَ ج تُرڪ:** ذ. [ع. تَرَكَ = ڇڏي ڏيڻ] پاسو (دنيا ڪان) – تياڳ. علحدگي. دستبرداري.
• **ترڪ ٿيڻ:** ڪتجي وڃڻ – پري ٿيڻ.
– **تُرڪ ڪرڻ:** دنيا جي رهنوار کي ڇڏي ڏيڻ – دنيوي لاڳاپا توڙڻ. جيڪي ڪجهه هجي قربان ڪرڻ.
• **تُرڪ (تہ):** ڏري (گونهه جي) – پرڪ. دسته.
• **تُرڪ:** اسم خاص. خوارزم ۽ چين جي وچ ۾ رهندڙ تاتاري قبيلن جو قومي نالو. ترڪستان يا تُرڪيءَ جي قوم. سنڌ جي سمن مان هڪ قبيلي جو نالو.
– **تُرڪتاز:** ذ. ترڪن وانگر حملو. بهادر سپاهي. (صفت) لٽيندڙ. معشوق.
• **ترڪتازي:** ث. لٽرلٽ.
– **تُرڪستان:** اسم خاص. تُرڪن جو ملڪ – وچ ايشيا وارو خطو.
• **تُرڪ ج تُرڪ:** ذ. تُرڪستان جو رهاڪو. تُرڪ قوم جو فرد. سپاهي. بهادر. (هندي اصطلاح موجب) مسلمان.
– **تُرڪي:** ث. تُرڪن جو ملڪ. تُرڪن جي بولي. غرور – وڏائي.
– **تُرڪي بہ تُرڪي جواب ڏيڻ:** جيئن کو چوي تيئن ان کي جواب ڏيڻ. سخت جواب ڏيڻ. ڪنو جواب ڏيڻ.
– **تُرڪي تمام ٿيڻ:** وڏائي هلي وڃڻ. آڪڙ ختم ٿي وڃڻ. دعويٰ نہ رهڻ.
• **تُرڪاري ج تُرڪارِيُون:** ث. [هـ] سائي پاڄي. هر قسم جي رڌڻ جي پاڄي. ٻوڙ – ڪُنڌڻ. ڀاڪر و گوشت (هندن جي اصطلاح ۾).
• **تِرڪائڻ:** مصدر. ڪِسڪائڻ. ريڑهڻ. ڪِسڪائڻ. گَسائڻ لڪائي ڪڍڻ. گَر ڪرڻ. (تِرڪايو – تِرڪائيندو – تِرڪايل).
– **تِرڪائي وڃڻ:** آهستي آهستي لڪائي ڪٽي وڃڻ – تِڳائي وڃڻ – ڪِڪائي وڃڻ.
– **تِرڪتال ج تِرڪتال:** ذ. [تِرڪ (< تِرڪائڻ = اٽڪل سان نڪائڻ. ڪِسڪائڻ) + تال = اٽڪل. نتاءُ] اٽڪل سٽڪل – ڪل ۽ ٽيو (ڪم ۾) تت نتاءُ.
– **تِرڪتال ڪرڻ:** اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. اڏ گاڙو ڪم ڪرڻ. لَهو ٽيو ڪرڻ.
– **تِرڪتالي:** ث. مڪر – ڍونگ. اٽڪل.
• **تُرْكَتْ ج تُرْكَتْ:** ذ. [تَر + تروڻ = ڪٽ < ڪٽڻ. روڻ] بيخبريءَ ۾ نڪي – ويساهه گهاتي. ڏوڪو. دولاب – فريب.
• **تُرْكَتْ ڪرڻ:** ويساهه گهاتي ڪرڻ. ڏوڪو ڏيڻ. نڪي ڪرڻ. ڪيٽ ڪرڻ.
• **تُرْكَشْ ج تُرْكَشْ:** ذ. [ف. تَرْكَشْ] تيرن رکڻ جي ٿيلهي.
• **تُرْكِي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم Trilepisalatus.
• **تُرْكِيٰ:** مصدر. [ع. تَرَكَ = ڇڏي ڏيڻ] ڇڏي ڏيڻ – ترڪ ڪرڻ – تياڳڻ. ميارن. ڇڪتو ڪرڻ (ليکو) – ليکو پائڻ (حساب ڪتاب ڪي). (تُرڪيو – تُرڪيندو – تُرڪيل).
• **تِرْكِيٰ، تِرْكِيٰ ج تِرْكِيُون:** ث. اڌ گز ڏين ۽ پير رکڻ سان يا هلڻ سان تِرڪي پُڄي. چڪن. گهه. (راند طور) گهڪن لاءِ لَهوارو تختو.
– **تِرْكِيٰ بازي:** ث. تِرڪڻ جي حالت (گپ. پاڻيءَ يا لسائي سيمان). تِرڪي ٻوڙ جهڙي لسائي. گسڪڻ واري باراڻي راند. ٻهائي بازي. خواه ڪائڻ جهڙي حالت "عشق مجازي ترڪڻ بازي."
• **تِرْكِيٰ:** مصدر. تِرڪي ٻوڙ (گپ ۽). مٽان کان هيٺ تي گسڪڻ. هيٺاهين تي رڙهڻ. قسڪڻ. گهسڪڻ. مائل ٿيڻ (دل). گمراه ٿيڻ. (تِرڪيو – تِرڪندو – تِرڪيل).
– **تِرڪيڙو ج تِرڪيڙا:** ذ. صفت. ڪِسڪيڙو – قِسڪيڙو. لسو. (ث) تِرڪيڙي ج تِرڪيڙيون.
– **تِرڪِيڙي:** ث. تِرڪڻ جي حالت. تِرڪِيٰ.
– **تِرڪِي ٻوڙ:** تِرڪي ٻوڙ. ڪِسڪي وڃڻ. گسائي وڃڻ.
– **تِرڪي وڃڻ:** نڪري وڃڻ (نظر ڪان). ٽُري وڃڻ (نظر اڪ).
• **تُرْكو ج تُرْكا:** ذ. [ع. تَرَكَ (= ڇڏڻ) > تُرْكَة. تَرِكَة = فوتيءَ جي ملڪيت. ورثو] فوتي ماڻهوءَ جي پويان ڇڏيل ملڪيت – ورثو. اباڻي ملڪيت – ميراث. سامان – اسباب. پروسو – آسرو.
• **تِرْكو:** ذ. آس – تِرڪو. چمڪو.
– **تِرڪيدارُ:** ذ. صفت. چمڪو (هيرو).

• **تِرْكولُ ج تِرْكول** (ث): ذ. ڏسو "تِرْكول".
• **تَرْكي (ل)**: ث. ڪنهن ڪُتيل دوا جي ڦڪي "انجڻين وغيره جي ترڪي هڻڻ".
• **ترڪي**: ذ. گهوڙي جو هڪ رنگ.
• **تُرْكيا (ث)**: اسر خاص. ٽر ۾ ميگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
• **تُرْكيار**: اسر خاص. تعلقي ڏيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **تَرْكيبَ ج تَرْكيبَوْن**: ث. [ع. رَكِب > رَكَبَ. تَرْكيب = موتي جڙڻ. ترتيب ڏيڻ] ملائي جوڙي ٻيهارڻ جي حالت – جوڙ. بناوت – ساڻ. نمونو "ملائڻ جو". تجويز – طريقو. بناوت – ساڻ. نمونو (ملائڻ جو). تجويز – طريقو. حيلو. اٽڪل. گرامر جو اصطلاح (جنهن موجب هر هڪ لفظ جو قسم ۽ تعلق نروار ڪجي). جملن يا لفظن جي ترتيب.
– **تَرْكيب إضافي**: ث. علم نحو جو اصطلاح – اضافت. ملڪيت يا واسطيداري ڏيڪارينڊڙ مرڪب لفظن جي بناوت.
– **تَرْكيب بَنْد**: ذ. علم عروض جو اصطلاح. بحر ۽ وزن جي تقطيع. شعر جو هڪ قسم (جنهن موجب ڪنهن بحر ۾ ڪي بند جدا جدا قافين سان آڻجن ۽ هر هڪ بند ڪان پو هڪ مقرر شعر مختلف قافين سان آڻجي).
– **تَرْكيب تَعدادي**: ث. علم نحو جو اصطلاح. عدد شماري ڏيڪارينڊڙ مرڪب لفظن جي بناوت.
– **تَرْكيب توصيفي**: ث. علم نحو جو اصطلاح. صفت جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ مرڪب لفظن جي بناوت.
– **تَرْكيب سان**: ظرفي ڦقرو. خبرداريءَ سان. اٽڪل سان. تجويز سان.
– **تَرْكيب كرڻ**: گرامر موجب جملي ۾ لفظن جي حيثيت ۽ حالت نروار ڪرڻ ۽ هر هڪ لفظ جو بين لفظن سان تعلق ٻڌائڻ. اٽڪل ڪرڻ. تجويز ڪرڻ.
– **تَرْكيبي ج تَرْكيبي**: صفت. ترڪيب موجب – ترڪيب مطابق. ترڪيب وارو. اٽڪلي.
• **تَرْكانَ ج تَرْكانَ**: ذ. ڏکڻ – واڌو.
• **تَرْگَسَ (ڦ)، تَرْگَسَ (ث)**: ڏسو "سرگرس".
• **تَرْگا (لس)**: ذ. گهنديدار ڪارا "وار".
• **تَرْگاهُ (ل)**: صفت. [تَر + تَرو – گاهه < گاهڻ = تري تائين گاهجڻ واري حالت] جت – نابود.
– **تَرْگاهه ٿيڻ**: جت ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ. بيزار ٿيڻ.
• **تَرْگَنَ**: مصدر. پاڻي ۾ گهمڻ ٽرڻ – تَرگڻ.
• **ترگو (لس)**: صفت. گهنديدار "وار" "ترگو" وار تنهي جا. پگهين ايت پير "صارڪ گونگو".
• **تَرَلَ (ڪ)**: صفت. رس وارو – پاڻيائو. پگهل.
• **تَرْمَ ج تَرْمَ**: ذ. [پورچوگيز. Tronco: ف. تُرَنگ] قيدخانو – جيلخانو.
– **تَرْمَ ۾ پوڻ**: جيل ۾ پوڻ. قيد ڪاٽڻ. جنيون سهڻ. خوار خراب ٿيڻ.
• **تُرْمِتي**: ذ. تُرمجي.
• **تُرمجي ج تُرْمِجيُون**: ث. عام اصطلاح موجب باز جو هڪ قسم – ڪارين اکين (سياه چشم) ۽ ڏگهن پرن وارو تيز اڏامندڙ شڪاري پکي – "جيئوو" يا "جٽئو" جي مادي. Red – headed Merlin (Aesalon chicquera).
• **تِرْمِذي**: ذ. شهر "ترمذ" جو رهاڪو. امام ترمذي جنهن حديث جو ڪتاب لکيو. (امام ترمذي جو لکيل) حديث جو هڪ مشهور ڪتاب.
• **تِرْمِرائڻ**: مصدر. تِروڙا اچڻ – تِروڙا ڪرڻ (اکين جو).
• **تِرمُوري**: ث. هندڪو وڏو ڏينهن – وڄ سياري ۾ تِرن ۽ مُورين گڏي ڪائڻ جي رسم ملهائڻ جو ڏينهن (انهيءَ ڏينهن ڪان پوءِ رات نديءِ ٿيڻ شروع ٿيندي آهي ۽ ڏينهن وڌندا آهن).
• **تَرِ ميدانَ (ت)**: ذ. سرميدان – مقابلو.
• **ترميزن**: ث. ساهمي – تارازي.
• **تَرْميم ج تَرْميمُوْن**: ث. [ع. ١. رَمّ. مَرَمّة = مرمت ڪرڻ: ٢. تَرْميمات = ڳهڻ ۽ ڳهڻين جي مرمت] درستي – اصلاح ـ قيرڪار – ڳهڻا وڌي. ڪنهن ٻهراڙ يا تجويز تي نظرثاني.
• **تُرُنْج ج تُرُنْج**: ذ. [ف. تُرُنج = نارنگي] ميوي جو هڪ قسم (هڪ قسم ٿين. هڪ نندو تُرنج جنهن جي وڻ جا پن ڪارا ٿين. ۽ ٻيو وڏو تُرنج جنهن کي "بالنگ" به چون. ٻئي خوشبودار ٿين. سواد ڪڙو ۽ ترش. مزاج سرد. گل گرم ۽ خشڪ. تخم سرد تر خشڪ ۽ پن خشڪ ٿين.
– **تُرُنْجي**: ذ. تُرنج جي ڪلن مان ٺهيل شراب.
• **تُرُنْجُبين**: ث. [ف. تُرُنگبين > ع. تُرُنْجُبين] پارڪي وکر جو هڪ قسم (جا ماڪ وانگر ڪندن وارن وڻن تي پوي ۽ سُڪي ڪنڊ يا مَستيءِ جي ڳوڙهين وانگر ٿي پوي؛ ڏاڍي ۾ ميٺي ٿئي. سندس اکثر ڪانديري جي پنن تي ڳاڙهين ڳوڙهين جي صورت ۾ ٿيندي آهي.
• **تُرَنگ**: ذ. [ف. تُرَنگ. تِرَنگ] ساز جي تند جو آواز. [سن. تَرَنگ] لهر – موج. اُمنگ – جذبو. ريجڪ – خيال – بوڏڪي.
– **تُرَنگي**: ذ. صفت. لهري – موجي. جذباتي. پورائو.

• **ترنگم ترنگ:** ذ. وار "تمهر روپ ترنگ، آهن کنول کيس قريب جا" (جلال کتي).

• **تُرَنْگُ** ج **تُرَنْگَ:** ذ. [سن. تُرَنْگَمْ < تُرَ - تکو + گَمْ - هلڻ] پلو گهوڙو "تريا رت تُرنگ، رڌ ۾ راماڻا ڪري" (خليفو نبي بخش)؛ "جن ٽي ڪوٽَ ڪڏائيا، تازي تيز تُرنگ" (حمل).

• **تُرَنْگُ** ج **تُرَنْگَ:** ذ. [ف. تُرَنْگ] تُرَمْ ۽ جيلخانو.

– **تُرَنگ ڪاٽڻ:** جيل ڪاٽڻ – سزا ڪاٽڻ. ڏکيو وقت ڏسڻ – تڪليفون ڏسڻ.

• **تَرَنْرَ:** ذ. [ع. زَنَرَ، تَزَنَّر = منڍين لاتيون ڪرڻ (پڪي)، سُر سان گائڻ] سُر – آلاپ، گائڻ "جو ترنر تو ڪريان، سو تو ڪريان مستيءَ ۾".

• **تَرَنِي** ج **تَرَنِيُوْنْ:** ث. [سن] عورت – سهڻي عورت "سر ڪنڌ ۾ سُرها ڪيا، تَرَني لوئي ٿل" (ڪنياں). ڪُنوَڻ – و.ج "تَرَنيءَ جانُ تجلو ڪري، پيا پريان جي پاس" (صدرالدين). روشنيءَ جو ڪرٽو.

• **تَرَڻ (ل):** ث. ننڍي ڪُمي.

• **تَرڻ:** مصدر. عضون جي جوپر سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي پاڻ جهلڻ – پاڻيءَ جي مٿاڇري تي رهڻ. "ٻڏڻ" جو ضد. تُرَڪڻ. تري پار ڪرڻ (واهہ، درياءَ وغيره). لُڙهڻ. پار پهچڻ. وصول ٿيڻ (ٻڌل رقم). تئيءَ ۾ پچائڻ – پُجڻ (پلو، مڇي، ترڪاري وغيره گيهہ يا تيل ۾). جلڻ – لسو ڪرڻ (ڪنهن ٽلهي ڪاڻي يا دوڳيءَ کي ڪهاڙي سان). جڙهي پوڻ (بيماريءَ مان). زمين کي تُرَگهمائي سڌو ڪرڻ. (تَريو – تَريندو – تَريل).

• **تُرڻ:** مصدر. [سن. تَلْ = تورڻ] تور ٿيڻ – وزن ٿيڻ (ڪنهن شيءِ جو). ڪانٽي يا ساهميءَ تي چڙهڻ. وزن ڪرڻ (پنهنجو). ڇپڻ (اکين ۾). (تَريو – تَرندو – تَريل).

• **تَرْٽِي** ج **تَرْٽِيُوْنْ:** ث. تَرڻ جي حالت. ٻيڙي، اُهو ٽانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ ترجي – ڪُٽِجي.

• **تَروِ ترا:** ذ. [سن. تَلَ = تَرو] تَرَ – ٽاهُ – قَعْر (ع). تَرَ وارو حصو. هيٺيون پاڳو. بنياد. اونهائي. هيٺيون پاسو (ٻيڙي، جُتيءِ وغيره جو). پچاڙيءَ جي بجت (پنگ وغيره جي) "جيڪي پين ٽَرُو، تِن کي سور نڪو ٻَرو" (مولالين جي صدا). ڳُجهہ – راز.

• **تروڪيڻ:** برباد ڪرڻ. بي سهاري ڪرڻ. ڏک ڏيڻ. ڪنگال ڪرڻ.

– **تَرو گهَرائِڻ:** ڪنهن کي سبباڻ گهٽا ٻڌڻ ڪرڻ يا ڪرائڻ. منڊون ڪرڻ يا ڪرائڻ.

– **تَرو لڳائي ڇڏڻ:** ڪپائي ڇڏڻ. هڪ هٿ ٻيهاري ڇڏڻ. شرمندو ڪرڻ. ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. مَڻ ڪي مارڻ. طعام کي ساڙي ڇڏڻ.

– **تَرو لڳڻ:** طعام جو زياده سيڪ اچڻ سبب تَر ۾ سڙي وڃڻ. بيسوس ٿيڻ.

– **تَرو هٿڻ:** خدمت ڪرڻ. تمام گهڻي ٽهل ڪرڻ. بنا معاوضي سخت محنت ڪرڻ.

– **تَروٽي لڳي وڃڻ:** شرمندو ٿيڻ. ذلّت ڏسڻ. واڙو ٿيڻ – منجهي پوڻ.

• **تِرو(ت):** ذ. سونارڪي ڪر جو هڪ اوزار. زيورن تي چِٽَن ڪڍڻ جو قالب.

• **تُروِ ترا:** ذ. [ع. طَرْهٌ > تُرو] طُرو – پٽڪي جو ڇيڙو.

• **تَرْوار** ج **تَرْوارُيُوْنْ:** ث. تَرار ۽ تلوار.

• **تَرْوانِي ناهڻ (ت):** ڏوبين جي اصطلاح ۾ ڪپڙا جي پاڻي ۾ ڪلر جي پاڻي ۾ ڪپڙا ٻوڙڻ.

• **تَرُوْتْ:** ث. ڏسو "تَرهوتْ".

• **تَرُوَرْ:** ذ. [سن] وَنْ.

• **تِرُوِرْ:** ث. ڏَنڊ مان لنگهندڙ تِکي روشنائي. پاڻيءَ جي مٿان سڪي سبب روشنائي جي ڪرڻن جي جهرمر. تِرورا. بي آرامي. بيقاعدي اڇ وڇ (ل).

• **تِرُوِر:** اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ڏنڊ جو نالو.

• **تُروِرائِڻ:** مصدر. پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تيل. گيهہ وغيره سڪي پوڻ سبب سڄ جي ڪرڻن سان طرحين طرحين رنگ ڏسڻ.

• **تِرُوِرو** ج **تِرُوِرا:** ذ. [سن. تُرسريڻ = تروِرو] سڄ جي روشنيءَ جي سنهڙي ليڪ – ڪرڻ. اکين آڏو ڦرندڙ ڪارو ٽهڪو. ڏَنڊ (اکين جو). پاڻي ۾ ترندڙ سڪي جو ذرو.

– **تِرُوِرا ڪرڻ:** اکين سان جتيءَ طرح شيون نہ ڏسي سگهڻ.

• **تِيروِرو:** ذ. اکين جي پردي ۾ ڦرندڙ اڇو يا ڪارو ٽهڪو. پاڻي جي سطح تي ترندڙ سڪي جو ذرو.

• **تِروڪڙي** ج **تِروڪڙيُوْنْ:** ث. تِروڪڙي – تلوڪڙي.

• **تِروڪڙِي** ج **تِروڪڙِيُوْنْ:** ث. تِروڪڙي.

• **"تارا تروڪڙيون مٽن فلڙيون"** (شاهہ).

• **تِروڪڙي** ج **تِروڪڙِيُوْنْ:** ث. [سن. تِلَ - تِر] جسم ۾ سڪيءَ سان زخم ڪري سُرمي يا نيري، رنگ سان پري ناهيل هٿراڏو تِر (جو دائمي نشان جي صورت وٽي ٻيهي). تلوڪڙي – ڏينيوڙي.

• **تَرُوْنْ:** ت. اُٺ جي ٽَٻ (جا وارن مان ناهجي).

• **تَرُوِيجْ:** ث. [ع. رائج (= رواج ۾ اچڻ) > رَوَجَ. تَرْويج = رواج ۾ آڻڻ. رائج ڪرڻ] رواج – رسم. شهرت.

• **تَرْهاڻ (ل):** ث. پنڊ سببان پيرن جي تري ۾ زخم واري گاٽ (ءِ سُور) – تَرْهٽ. (ڪنهن جي اڇڻ يا هلڻ سببان) پيرن جو هلڪو آواز – آهٽ.

• **تَرْهاتِجَنْ:** فعل مجهول. پڌ سبب پيرن جي تري ۾ گاٺ ٿيڻ -- گَسَ سببان زخمجڻ.

• **تَرْهَٽَ (ل):** ث. پاڃاري، جي هيٺين ڪاٻي -- تَرْهوٽ. پير ۾ ٽيل زخمدار گاٺ (پڌ سبب).

• **تَرْهَٽِجَنْ:** فعل مجهول. تَرْهَٽجڻ. ٽڪجڻ. عاجز ٿيڻ.

• **تَرْهَٽي:** اسر خاص. تعلقي گهوڙا پاري، ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ترهل ج ترهلون:** ث. هيٺاهين زمين -- جن "ترهلستون تلاءِ، ساوا ڪري سڄ ۾" (خانڊڻي).

• **تَرْهو:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَرهو، تُرهو ج ترها:** ذ. [تر. ترو > ترهو = اهڙي شيءِ جنهن جو تر پڌل هجي. ۲. تَرڻ > تَرهو = اهڙي شيءِ جا تُرر يا تاري] ڪکن. ڪاڻ ۽ ڪاليين جو ٽوڙين ۽ رسين سان ٽر پڌي ٺاهيل ڇ سر جو منجو (جو اڪثر ڏينڊن ۽ چڇن ۾ پيڙيءِ طور ڪم آڻجي) "پيا سيڊ سڙن. ڏهي ٻنهي ڪنڊئين" (شاهه). (اصطلاحاً) پڌڻ ڪان پڇڻ جو وسيلو. وسيلو -- آڌار "توڪل جو ترهو".

-- **تُرهو پڌڻ ۽ پاڻي کي سلڻ:** ڪنهن ڪم لاءِ ڪوشش يا ڪرڻ ۽ توڪل يا ڪرڻ.

-- **تُرهو تراڻي ٿيڻ:** ڪکن جي ترهي جو پاڻي ۽ لڙهي لهوارو ٿيڻ. وسيلو هٿان وڃي. بيوس ٿيڻ.

• **تَرهوٽ ج تَرهوٽون:** ث. [تر = تَرو. هيٺ] پاڃاري، جي هيٺين ڪاٻي -- لار -- تَرهٽ.

• **تَري:** ث. [ف] آلاڻ -- نمي. تازگي. سٿياڻي.

• **تَري ج تَرُون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] ڳ يا ديگڙي وغيره جي سڙي ويل تر ۽ ٽئون وجهايل ترو. [سن. تري = ترڻ] اها شي جنهن کي ترجي. ٽرهو. نندي ٻيڙي -- ٻڇٽو. تري.

• **تري اڇڻ، تري ٻيهڻ:** همورن ٿيڻ. همشڪل ٿيڻ. برابر ٿيڻ -- هڪجهڙا ٿيڻ. پڇي اڇڻ.

-- **تري ڪَهڻ، لڳڻ:** ملهه وڙهندي هٿ زمين تي ڪهڻ (جا مارائڻ جي نشاني آهي) -- ملهه ۾ دسجڻ.

-- **تَري، تري ج تَرُون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] هٿ جو سٽون پاسو يا وڇ. پيرجو هيٺيون پاسو. آٽ جي پيٽ تي گاٺ سبب گول حصو (ڪ).

-- **تري، تي بهشت:** اصطلاح. آٽي جو آٽي سان سهولتون ميسر. جهٽ پٽ تيار. فوري عمل.

-- **تري تي بهشت ڪرڻ:** ڪا شيءِ ٽهڪ ٻڌ تيار ڪرڻ ڪو ڪم آٽي جو آٽي پورو ڪرڻ. هڪيو تڪيو پورائو ڪرڻ.

-- **تري، تي بهشت گهُرڻ:** ڪم جي فوري پورائي طلب ڪرڻ. آڻ ٽيڙو، ڳالهه جي گهر ڪرڻ.

-- **تري، تي رکڻ:** هڪدم حاضر ڪرڻ. موجود ڪرڻ. سانگو لاهي حاضر ڪرڻ. جان جي قرباني، لاءِ تيار ٿيڻ "سر تري، تي رکڻ".

-- **تري، تيل نه لڳڻ:** نه مڃڻ -- نه ٻاسڻ -- قبول ڪرڻ. ڪي ڪين ٿيڻ. ڪجهه به نه ورڻ.

-- **تَري، ٿڌ (ت):** ٻاڙ پڻڻ. زور پڇڻ. ڪنهن جي طاقت موڙڻ. هڪ رسم موجب گهوٽ ڪنوار جي مٽ ڪرڻ.

-- **تري ڏيڻ:** بجا، خاطر آڏو هٿ ڏيڻ. آڏ ڏيڻ. مدد ڪرڻ. ڪپڙن کي هٿ سان مهٽڻ (ڏوبي). آڏ. پيڙون ڏيڻ -- زور ڏيڻ.

-- **تري ڪوڙڻ:** هيٺ ٿيڻ. هارائڻ.

-- **تري هڻڻ:** ٻيلهاڙي، اندر مخالف کي ڇاتي، وارو ڏڪ هڻڻ. هٿ سان ڏڪي ٻري ڪرڻ.

-- **تري هيٺان سڄ لڪائڻ:** وڏي گناهه کي ڪنهن اٽڪل بازي، سان لڪائڻ. ڪنهن مشهور واقعي کي حرڪت سان پوشيده رکڻ. وڏي گناهه يا مشهور واقعي کي لڪائڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ. بيسود ڪوشش ڪرڻ.

-- **تريُن پير ٿيڻ، ٻرڻ، ڪرڻ:** ٻيلاڻي منجهان ڪري طاقت ٿيڻ. بلڪل هيٺ ٿيڻ.

-- **تريُون ڪوڙائڻ:** هيٺ ڪيرائڻ. هيٺر ڪرڻ. زور پڇڻ.

-- **تريُون ڪوڙڻ:** اڻڻو ٿيڻ. زور ٽٽڻ. سجو ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ.

-- **تريون گسائڻ:** محنت ڪرڻ -- پورهيو ڪرڻ. گهٽو هلڻ.

-- **تريون مهٽڻ:** هٿ مهٽڻ. افسوس ڪرڻ. پشيمان ٿيڻ. بيمار يا غش ٿيل ماڻهوءَ جي هٿن ۽ پيرن جي ترين کي گرم ڪرڻ خاطر زوردار مالش ڪرڻ.

• **تُري:** ث. جوئر جو هڪ قسم (جا ميا ڪانا ڪري). جوئر جو ملو ڪانو -- ڳنو. ڪهوڙي. سونارن يا جواهرين جي نندي ساهمي -- ٽڪڙي.

• **تِريا:** ث. [هندي] عورت -- زن.

• **تَرياهر:** اسر خاص. ننگرپارڪر وٽ هڪ تلاءِ جو نالو.

• **تِرياق، تِرْياقَ:** ذ. [ع] هڪ مرڪب دوا جا زهر جي اثر کي زائل ڪري -- زهر مار -- Theriaca treacle. اهڙي شيءِ جا زهر جي اثر کي دفع ڪري. اوتار (ڪنهن دوا جي اثر جو) -- Antidote.

• **تَريڙ:** ث. [ف. تريز = ٽڪندو ٻالو] پهراڻ جو اڳو -- دامن.

• **تُري گَڙگِلو:** ذ. جوئر جو هڪ قسم (ڇڄاڙي، وارو پن هڪ پاسي

لڳل. سنگ جڙ ڇوٽيو ۽ ڪانو مِنو.

• **تَرِيلُ**: اسم مفعول. صفت. [تَرڻ > تَريل] پڪل. مٿي تَري آيل. آتريل.

• **تَرْيِلُ**: اسم مفعول. صفت. [تَرڻ > تَريل] تور ٽيل – تور ڪيل.

• **تَرِينْ**: صفت. [فا. تَرْ > ترين] بلڪل. تازو. صفت جي پويان ’وصف جي گهڻائي‘ خاطر استعمال ٿيندڙ لفظ "تازه ترين" (= بلڪل تازو).

• **تَرِيناڪ**: ن. صفت. [فا. ترين (= بلڪل) > ترياڪ (سنڌي)] تمام چالاڪ. ڏاڍو حرفتي. اٽڪلي. ڏڳ – مڪار – عيار. فتنو انگيز. (ذ) شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم (جو سال ۾ ٽي پيرا ڪنب چاٽيندو آهي. باز جنهن گهٽيون ڪريزون ڪاڌيون هجن (پکين کي جهلڻ ۾ وڏي اٽڪل وارو. وڏو اٽڪلي جيڪو ڪنهن کي نه ڇڏي. ٻن سالن جو ويڑهاڪ باز.

• **تَرِينْهَنْ**: ظرف. اڄ کان ونئي پنجين آينهن (آج. سياڻي. پرينهن. آرينهن. ترينهن).

• **تَرِيو ج تَرِيا**: ذ. گهٽي هلڻ ڪري اُٺ جي پير جي ڦاٽي پيل ڪل (ل). پرت پريل پوش (ث).

• **تِرِيرِ**: ذ. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **تَڙ ج تَڙُونْ**: ث. [سن. تَٺ - هڻڻ. وڍن) > تَڙ > تَر] ٽڪر (سوپاريءَ جو). ذرو (مصريءَ جو). ٻوٽي (گوشت جي). ڪاڻي (تيڪ لاءِ) – جهلڻ "جنين ڪائنين آنداٽون. تنين ڪائنين ويندياس = جنين ترين آنداٽون. تنين ترين ويندياس" (ڪجهارت). لوڻ – هڪل (شڪار لاءِ). ٻچ (ڪنهن جانور تي شڪارين يا ڪتن جي). تڙي – دڙڪو.

– **تَڙ پَڪو**: ذ. سوپاريءَ ذرو.

– **تَڙ ڪرڻ**: شڪار واسطي پکين يا جناورن کي تڙڻ.

• **تَڙ ج تَڙُ**: ذ. [سن. تَٺ = ڪنارو] ڪنارو – ڪنڊي. ڪنهن واهه. دريا، وغيره جو ڪنارو يا اُهو هنڌ جتان پاڻي پرجي. وهنجي يا جويائي مال کي پاڻي پيارجي – گهيڙ – گهات. ٻيڙين ٻيهڻ جي جاءِ ـ پَتڻ. اهو هنڌ جتي مڇي ماري گڏ ڪئي وڃي – ميان. جر تائين پهتل ڪوهه. ڪوهه وارو گوٺ. پاڻي جي ڪڏ (ڪ). ڄوءِ ـ ٽاڪ ميدان – پوئو (ت). وهنجڻ – غسل. احتلام.

– **تَڙ تانگهڻ**: ڳولا ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.

– **تَڙ پوڻ**: خواب ۾ جماع جي وهم سببان انزال ٿيڻ – احتلام ٿيڻ (جنهن جي ڪري لازمي طور تڙ ڪرڻو پوي).

– **تَڙ ڏيڻ**: وهنجڻ (ميّت کي) – غسل ڏيڻ. ٻيڙين جو لنگر هڻڻ.

– **تَڙ ڪرڻ**: وهنجڻ – غسل ڪرڻ.

– **تَڙ لاڻڻ**: پار پهچائڻ. ڪنڊيءَ ٻيڙو ڪرڻ. منزل تي رسائڻ.

– **تَڙ هڻڻ**: جماع يا تڙ پوڻ سببان غسل جي ضرورت هڻڻ.

• **تَڙِ ج تَڙُونْ**: ث. موسر – مَند. قسط (قرض جي).

– **تَڙِ ڪرڻ (ل)**: جويائي مال جو به ٽي مندون قرنه ڏيڻ. وس جي موسر ۾ ويڙ ٽي جرڻ. ويڙ ڪرڻ.

– **تَڙُ هڻڻ (ل)**: جويائي مال جو به ٽي مندون قرنه ڏيڻ. مند گهٽائڻ.

• **تَڙاگو (ت)**: ذ. جهيڙو. ٻناڪ.

– **تَڙاگِي ج تَڙاگِي**: ذ. صفت. جهيڙاڪ ٻناڪي.

• **تَڙائِڻ**: مصدر ’تَڙ‘ مان متعدي بالواسطه. تَڙائي ڪيڻ – لوڙائڻ. (تڙايو – تڙائيندو – تڙايل).

• **تَڙُنگ ج تَڙُنگ**: ذ. صفت. وڏو اڙنگ – وڏو پهلوان.

• **تَڙ پيڙ ج تَڙپيڙُونْ**: ث. [تَڙ < تَڙڻ + پيڙ < پيڙڻ] سوڙهه – تنگي. سختي – پيڙا. تڪليف – اوکي. وٽ پڪڙ. تڙ تڪڙ. سخت ڪوشش. تقاضا.

– **تَڙ پيڙ ٿيڻ**: مائهن جي گهٽائي سبب سخت سوڙهه ٿيڻ.

– **تَڙ پيڙ ڪرڻ**: سوڙهه ڪرڻ – سختي ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ. تڪڙ ٻڌڻ.

• **تَڙ تَڪڙ**: ث. تمام گهڻي تڪڙ. جلد بازي. اڀهرائي. ٻچ پچان. وٽ پڪڙ.

– **تَڙ تڪڙ ڪرڻ**: تمام گهڻي تڪڙ ڪرڻ – جلدي ٻڌڻ.

• **تَڙ پَڪڙ**: ث. تڙ تڪڙ.

• **تَڙَپ**: ث. ڦٽڪو – لوڇ. بيقراري. جوش – جذبو. اُمنگ. خواهش.

• **تَڙپائڻ**: مصدر ’تَڙپ‘ مان متعدي بالواسطه. ڦٽڪائڻ – لُڇائڻ. تڙڦائن. (تڙپايو – تڙپائيندو – تڙپايل).

• **تَڙڻ**: مصدر. [سن. تَٺ = ڏڪ هڻڻ] ڦٽڪڻ – لُڇڻ – تڙڦڻ. بيقرار ٿيڻ. سِڪڻ. سڙڻ. (تڙپيو – تڙپندو – تڙپيل).

• **تَڙپوتو ج تَڙپوتا**: ذ. پڙپوٽي جو پٽ – پوٽي جو پوٽو. (ث) تڙپوٽي ج تڙپوٽيون.

• **تَڙ خَمِير**: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَڙ دوس**: اسم خاص. تعلقي ماچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَڙ ڏاڏو ج تَڙ ڏاڏا**: ذ. ڏاڏي جو ڏاڏو. (ث) تڙ ڏاڏي ج تڙ ڏاڏيون.

• **تَڙ ڏوهتو ج تَڙ ڏوهتا**: ذ. ڏوهٽي جو پوٽو (ث) تڙ ڏوهٽي ج تڙ ڏوهٽيون.

• **تَڙ سَمُونْ**: اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَڙُڻُ**: مصدر. [هـ. تڙپنا] لُڇڻ – ڦٽڪڻ. (تڙڦيو – تڙڦندو – تڙڦيل).

• **تِرِڪ**: لکتي ث. "هٿي جنسِ اوجتي ڪري تيڪ تِرِڪ" (خانڦري). ث. گرمي.

• **تڙڪو ج تڙڪا:** ذ. صبح واري اُس. تاءُ (سج جو).

• **تڙڪولڻ ج تڙڪولون (ث):** ث. پٽ جو اُهو پاسو جنهن تي صبح جو سج اُبرڻ وقت تڙڪو پوي "تڙڪولون ترڪ ڪري، وڃي وينا گوڇر گام" (خليفو نبي بخش).

• **تڙڳڻ:** مصدر. [سن. تداگ = تلاءُ] تلاءُ، ٻڌڻ، واهه يا درياءَ ۾ پيو وهنجڻ. ٽهڻ ۽ تڙڻ "تڙڳي ٿي تالور ۾، هئي مير بحر منجهن" (صدقي ٻرو) تبيون هٿن. (تڙڳيو – تڙڳندو – تڙڳيل).

• **تڙانو ج تڙانو:** ذ. نانءِ جو ڏاڏو. (ث) تڙانءِ ج تڙانيون.

• **تڙڻ:** مصدر. [سن. تڊ = هٽڻ، وڍڻ] هڪلڻ (جهار يا جانورن کي پوک مان). ڇڄائڻ (سواريءَ جو وهت) – ڏوڙائڻ. لوڏڻ – ڏکڻ. نيڪالي ڏيڻ. (تڙيو – تڙيندو – تڙيل).

• **تڙڻ:** مصدر. تڙي ڪيڻ. پنهنجي ويجهائي واري جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ڪرڻ. پنهنجي حاضري کان هنائي ڇڏڻ. (معنوي لحاظ کان) کاوڙ ڪرڻ.

• **تڙي ڪيڻ:** لوڏي ڪيڻ (ڪنهن کي گهر يا ملڪ مان). هڪلي ڪيڻ (جانورن کي).

• **تڙيلُ ج تڙيل:** ذ. هڪليل – ڏکيل. نيڪالي ڏنل – لوڏيل. راڄ يا جماعت مان ڪيڊيل. ٻٽيل – پاراتو ڏنل.

• **تڙيو ج تڙا:** ذ. ٻيڙيءَ جي گجي ۾ ٽيل ٽنگ (جنهن ۾ 'پوئي' ٻڌجي).

• **تڙڻُ تڙڻُ:** ٿ. شرناءَ جو آواز.

• **تڙي ج تڙيون:** ث. [تڙڻ > تڙي] چينپ – تنبيهه – ڏمڪي. چڙب. تکي ڏوڙ (ڪ). ڪٽاري ني ڪتل مُنهِ (جنهن سان ٻيڙي ٻڌجي) – ڪَرَس.

– **تڙي چاڙهڻ، ڏيڻ:** ڏمڪي ڏيڻ – چينپ – تنبيهه ڪرڻ.

– **تڙي ڪرڻ (ث):** وڙهڻ خاطر سوٽر جي جلهه ڪرڻ. تڙڻ – هڪلڻ.

• **تڙياڻ ج تڙياڻون:** ث. نار جي هڪ ڪائي (جا 'جوهي' جي ڀيگهه کان ٽوري وڏي هوندي آهي ۽ 'ٻڙياڻ' جي آمهون سامهون 'پرجل' جي ٻئي طرف رکيل هوندي آهي).

• **تڙيهو (ث):** ذ. لڙ – هَل. هنگامو – جهيڙو.

• **تڙي ڪڙي:** ظرف. [تڙي < تڙڻ – ڪڙي < ڪڙڻ (= ويهڻ)] ويٺي پير – بنا دير. انهيءَ وقت. اتي جو اتي. جلدي – جهٽ پٽ.

• **ٽڙ:** ظرف. سڌو – پورو – ٺيڪ. وچ تي – پورو نشان تي. نج. ساڄيو – هوبهو (ث).

• **تڙڪ:** ذ. [ترڪي] قاعدو – قانون. انتظام. شان شوڪت. دٻدٻو.

• **تڙڪيه:** ث. [ع. زَكا (= پاڪ ٿيڻ) > زَكّي. تَزْكِيَة = صاف ڪرڻ. پاڪ ڪرڻ] پاڪائي – نرملتا. نشونما.

– **تڙڪيه نفس:** ذ. نفس جي پاڪائي.

• **تڙڙڻ:** ذ. [ع] جنبش. تحرڪ. زلزلو.

• **تڙلي ج تڙليون:** ث. ٻارائيءَ راند لاءِ گول ٽڪري – ڏسو "تنزي".

• **تڙڻين:** ٿ. [ع. تَزْيِين = سينگارڻ] زينت – آرائش – سينگار.

• **تڙي ج تڙيون:** ٿ. ٽڪر يا چيني جي گول ٽڪري (جا پٽ تي خانن (گهرن) واري راند ۾ ڪر اڇي، جنهن کي پيرن سان ٽڏا هٽي گهرن ۾ اماٽيو آهي) ۔ تڙلي – ڏيون – ٽاپون.

• **تڙ ج تڙ:** ذ. [ع. طَرْ = ڪاٽ جو پيالو] ٽڪر جو ننڍو ماتوري (اٽي رکڻ لاءِ).

• **تسالو (لس):** ث. تسلائي دلجاءِ "منهنجي من تسالو، نه تون ڏاتار ڏڏن جو" (صف).

• **تسالو (لس):** ذ. تسلائي – پڪ "ڪين پائٽي ڪين ڪريان وڃي تسالو تڪرار" (ڪبير شاه).

• **تساهُلُ:** ذ. [ع. سَهْلَ > تساهُل = آساني پيدا ڪرڻ] غفلت – سستي – لاپرواهي.

• **تسائڻ:** مصدر. [سن. تُشْ = راضي ٿيڻ] راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. ريجهائڻ – پرپائڻ. (تسايو – تسائيندو – تسايل).

• **تسائڻ:** مصدر. سيکڻ – اڪنڍڻ. (تسائيو – تسائيندو – تسايل).

• **تَسْبِيحَ ج تَسْبِيحُون:** ٿ. [ع. سَبَحَ > سَبْحَ. تَسْبِيحٌ = ڏاڍي جي وڏائي بيان ڪرڻ] خدا جي وڏائيءَ جو ذڪر. سبحان الله جو ورد. داڻن جي مالها (جنهن تي ذڪر ڪجي).

– **تَسْبِيح خُوان:** صفت. [ع. تَسْبِيح + ف. خُوان (< خواندن = پڙهڻ) = پڙهندڙ] تسبيح پڙهندڙ – ذڪر الاهي ۾ مشغول.

– **تَسْبِيح سورَ:** تسبيح تي خدا جو ذڪر ڪرڻ. وظيفو پڙهڻ.

• **تَسْخِير:** ث. [ع. سَخَرَ > سَخَّرَ. تَسْخِير = مطيع ڪرڻ] مطيع يا تابعدار ڪرڻ جي حالت. فتح. جيت.

• **تَسْخِير ڪرڻ:** مطيع ڪرڻ. فتح ڪرڻ.

• **تسر:** ث. ريشمي يا سوتي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي 'گج' جو پرت پرين ۽ جنهن مان 'ڪنجري' جو گلو ناهين). گيگر – ريشمي ٻوسي. Tassel. تسري.

• **تسرو ج تسرا (ڪ):** ذ. [ع. طَرْ = پيالو] ڪنجهي جو ٽالهه (ڪ). ڪنجهي جو وڏو. ويڪرو ۽ تراڪڙو ڍاڻ (وٽي ڪان وڏو) – تاسرو.

– **تسري ج تسريون:** ث. ننڍي ٽالهي – تسر.

• **تسڪين:** ث. [ع. سَكَنَ > سَكَّنَ. تَسْكِين = مان ڪرائڻ. اطمينان ڏيارڻ] تسلي – اطمينان – دلجاءِ. دلاسو. آرام.

– **تسڪين بخش:** صفت. اطمينان بخش. پڪو – يقيني. (ظرف)

خاطري، جهڑو.

• **تَسْلا، تَسْلائي ج تَسْلائيُوْن:** ث. [ع. تَسْلِيَة = آٿت، آرام] تَسلي – خاطري – دلجاءِ، حد درجي تائين کوشش.

• **تَسَلُّط:** ذ. [ع. سَلَطٌ (= سخت ٽيڻ) > تَسَلَّطَ (علىٰ) = غلبو ڪرڻ، مطيع ڪرڻ] غلبو ضابطو. تبضو.

• **تَسَلْسُل:** ذ. [ع] جاري رهڻ جي حالت (ڪر). هڪڙي پٺيان هجڻ جي حالت – سلسلو. لاڳاپو – ڳنڍاپو.

• **تَسِلو ج تَسِلا:** ذ. [ع. طَسّ = پيالو] ڏونگهي ٽالهي (جا گهٽو ڪري هندو ۽ مائيچا ڪم آڻين).

• **تَسْلِي ج تَسْلِيُوْن:** ث. [ع. تَسْلِيَة = آٿت، آرام] تسلا – تَسلائي.

• **تَسَلِي ج تَسَلِيُوْن:** ث. [ع. سَلا. سَلِي > تَسَلي. تَسَلِيا = آٿت ڏيڻ] دلجاءِ ـ دلداري. خاطري – دلجمعي.

• **تسلي بخش:** صفت. ڏيڏيندڙ. اطمينان جوگو.

• **تَسْلِيم:** ث. [ع. سَلِمَ > سَلم. تَسْلِيم (ب) = رضامند ٽيڻ. تابعداري هجڻ. حوالي ڪرڻ] سپردگي – سونپڻ. رضا – منظوري – قبوليت. تابعداري – مجتا. نيازمندي. اطمينان بخش.

– **تَسْلِيمات:** [ع. تَسْلِيم ج تسليمات] سلامَ – نياز "آداب تَسْليمات" (= سلامن جا طريقا يا لوازمات).

• **تُسمان (ث):** ذ. دعاگو – سلامتي بخشيندڙ.

• **تُسْمو ج تُسْما:** ذ. [ف. تُسْمَة = اڏ رگيل ڪل. ڪجو جهڙو] ڄمر جي سنهي تند. جهڙي جي ڪهي (ٻوٽ لاءِ) – ٻوٽ جو ڏاڱو.

• **تَسمِيْ:** ث. [ـ تَسْمِيْن ء مڪرّ جو تهه ڏيڻ] کيرتي.

• **تسمية:** ث. اع. "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" الرحمانُ الرحيمُ" جوڙ "مستحب آهي وقت وضوءَ جي جوڙ تعوذ ۽ تسمية"

• **تَسْنِيْد:** ث. [سند > سِنْد (ع) > تَسْنِيْد (= باب تَفْعِيْل = سندي صورت ۽ آڻڻ] علم نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن به عربي يا فارسي لفظ (جي صورت) کي بدلائي سندي، صورت ۾ استعمال ڪرڻ جي حالت "بَصَل > بصر: ظَبَقَ > ڏهڪي وغيره"

• **تَسْنِيْم:** ذ. [ع] بهشت جو هڪ چشمو.

• **تَسْوَجُ:** مصدر. [سن. تُرْشْ = اڄ – اڄ جهلي وڃڻ ۽ پاڻي نه پيئڻ. اجائڻ. ساهه چڪجڻ. (تَسيو – تسبو – تسيل).

• **تَسُوْ:** مصدر. [سن. تُشْ = راضي ٽيڻ] خوش ٽيڻ – راضي ٽيڻ "مون تي ڪر منهنجا پرين. توهه تَسي تيندو" (شاهه). سر هو ٽيڻ. ريجهڻ – پرچن – پرين. (تَسيو – تَسندو – تَسيل).

• **تَسو ج تَسا:** ذ. [سن. تُرْشْ = اڄ] اڃ – پياس. بک – فاقو. جفا – تڪليف – سختي "آءٌ ڏوريندي آن ڪي، ڏيئي ٽن تَسو" (شاهه).

• **تَسِيو:** ذ. چوپائي مال جي هڪ نر پٺي ڏينهن پاڻي پيئڻ جي حالت (ث).

• **تَسُو ج تَسُو:** ذ. [ف. تَسُو = چشن يا بن جَوَن جي داڻن جيتري تور: ڪنهن وزن، ماپ يا ڏينهن جو چوويهون حصو] ڪنهن به شيءِ جو ٽورو ڏرڙو – جَوَ جي مقدار جيترو.

• **تَسْهِيل:** ث. [ع. سَهْل > سَهَل. تَسْهِيْل = آسان ڪرڻ] آساني – سولائي – سهولت.

• **تَسِيو ج تَسِيا:** ذ. [سن. تُرْشْ = اڄ] اڃ – پياس. طلب. بک – فاقو. [ع. طَسّ = پيالو] مائورو – تَسَ (ث).

– **تَسِيا ڪائن:** اڃون سهڻ. بکون ڪاٽڻ.

– **تَسِيو ڏيڻ:** بک ڏيڻ. اڃ بک سهڻ "تن ڪي تسيو ڏيڻ".

• **تَشْ (ڪ):** ذ. [سن. تَشْ] تُهه (جانور يا جَوَ وغيره جو). ڏرڙو – ڪٿو. ٽورڙي شي.

• **تَشابُهْ:** ذ. [ع. شَبَه > تَشابُه. تَشابُه = ملي اچڻ] ساڳيائي – هڪجهڙائي. مناسبت. برابري.

• **تَشْبِيبَ:** ث. [ع. شَبَّ (= جوان ٽيڻ) > شَبَب. تَشْبِيب] تصيدي ۾ ممدوح جي مدح کان اڳ عاشقانه مضمون بابت شعر جوڙ. قصيدي جي شاعراڻه تمهيد.

• **تشبيه:** ث. اڳرين ۽ اڳرين وجهڻ جو عمل.

• **تَشْبِيهَ ج تَشْبِيهُوْن:** ث. [ع. شَبَه. شَبَهَ = پيٽ ڪرڻ] علم بديع ۽ معاني جو لفظ. ڪنهن شيءِ جي هيءِ سان پيٽ. مشابهت. مناسبت. هڪجهڙائي. برابري.

• **تشخص:** ذ. [ع] خصوصيت. سجاڻپ. شخصيت.

• **تَشْخِيصْ:** ث. [ع. شَخَصَ (= ڏسڻ ۾ اچڻ. ظاهر ٽيڻ) > شَخَص. تَشْخِيص = بيماري. پروڙ] علامتن. حالتن ۽ سببن جي جاچ سان بيماريءَ جي پرک – مرض جي سجاڻپ.

• **تَشَدُّدْ:** ذ. [ع. شَدَّ (= چڪي بڌڻ. مضبوط ڪرڻ) > تَشَدَّدَ. تَشَدُّد = مضبوط ٽيڻ. طاقتور ٽيڻ] ڏاڍائي – زور – جبر. زيادتي. مارڪٽ.

• **تَشْدِيد:** ث. [ع] اِملاءِ جي نشاني (ّ) جا ڪنهن اکر جي اڇار کي ٻيڻو زوردار ڪري. شد.

• **تَشْرِيحَ ج تَشْرِيحُوْن:** ث. [ع. شَرَحَ = بيان ڪرڻ. سمجهائڻ] سمجهاڻي – توضيح – وضاحت.

• **تَشْرِيف:** ث. [ع] عزت – شرف. بزرگي. عزت افزائي.

• **تشريف آوري:** ث. اڃڻ – آمد. معزز شخصيت جي آمد.

• **تَشْرِيف فَرما ٹِيڻ:** ڪنهن معزز شخص جو اچڻ.
• **تَشَفِّي:** ث. [ع. شَفيٰ. شِفي > تَشَفّي. تَشفِيا = صحتمند ٹيڻ. ڪاوڙ بعد ڏور ٹيڻ] شفا ـ تندرستي ـ صحت ـ تسلي ـ دلجمعي ـ اطمينان خاطري.
• **تشكر:** ذ. [ع] نعمتن جي شڪر گذاري ـ ٿوريءَ مڃڻ.
• **تشكيل:** ث. [ع] ناهب ـ بناوت. بيهڪ.
• **تَشَنُّج:** ذ. [ع] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ بدن جا عضوا سيڙجي. چڙهي ٻون) ـ Spasmodic contraction of body.
• **تِشْنَگي:** ث. [ف] اَچ. خواهش. محبت واري ڪشش "محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار" (شاهه).
• **تِشْنَه:** صفت [ف] اُجو ـ پياسو ـ اُسائيل. خواهشمند ـ مشتاق. سِڪايل.
ـ **تِشْنَه ڪامُ:** صفت. سُڪل تارُنِ وارو ـ اُجايل. سِڪايل. ناڪام.
ـ **تِشْنَه ڪامي:** ث. اَچ. سِڪ. پياس.
ـ **تِشْنَه لَبُ:** صفت. اُجايل ـ پياسو.
ـ **تِشْنَه لَبي:** ث. اُچ جي حالت. سِڪ جي حالت. پياس. سَڌ. سِڪ.
• **تشنيع:** ث. [ع. تشنع = بيعزت ڪرڻ] ٽِڪ لعنت. جڳ ٽڪ.
• **تَشْوِيش:** ث. [ع. شَوَشَ. تَشْويش = ڏنڏو ڦٽائڻ. صحت بگاڙڻ. تڪليف ڏيڻ] پريشاني. ڳڻتي ـ فڪر. اوسي.
• **تَشْهِير:** ث. [ع. شَهَرَ. تَشْهِير = ڪنهن جا ڪيا پڌرا ڪرڻ] مشهوري ـ شهرت بدنامي ـ خواري.
• **تشيع:** ذ. [ع. شيع = پکڙڻ] شيعه (فرقو).
• **تَصادُم:** ذ. [ع. صدَمَ > تَصادُم. تصادُم = ٽڪرجڻ. جنگ ۾ جوانن جو ٽڪرجڻ] ٽَڪر (ماڻهن يا گاڏين وغيره جو). مقابلو.
• **تَصانِيف:** ث. [ع. تَصْنِيف ج تَصانيف] جوڙيل ڪتاب. تَصْنِيفُون.
• **تصاوير:** ث. [ع] "تصوير" جوجمع. تصيرون. مورتون. فوٽا.
• **تَصْحِيحَ ج تَصْحِيحُون:** ث. [ع. صَحَّ > صَحَحَ. تَصْحِيحْ = تصديق ڪرڻ. درست ڪرڻ] درستي (ڪنهن لکيت جي). تصديق.
• **تَصْحِيف:** ث. [ع] لفظن ۾ زبرن. زيرن جي غلطي (جنهن ڪري اُجار مختلف ٿي پوي).
• **تَصَدّق:** ذ. [ع. صَدَق > تَصَدّق = ڪا شيءِ خدا جي راهه ۾ ڏيڻ] صدقو. قرباني. خيرات.
• **تصديع:** ث. [ع. صدع - وڻ] مٿي جو سور. تڪليف ـ سور ـ درد. مصيبت. ڏاڪڙو.
• **تَصْدِيق ج تَصْدِيقُون:** ث. [ع. صَدَق > صَدق. تَصْدِيق = ڪنهن کي سچو سمجهڻ]. سچي هڻڻ جي شاهدي. ثابتي. سچائيءَ جي تائيد. ٻڌ.
ـ **تَصْدِيق ڪرڻ:** زباني يا لکيت ۾، سچي هڻڻ جي پنهنجي ڪرڻ. ڪنهن بيان يا ڪم جي سچائيءَ جي خاطري ڏيڻ. ڪنهن بيان يا دستاويز جي برابر هجڻ لاءِ صحيح وجهڻ.
• **تَصَرُّف:** ذ. [ع. صَرَفَ > تَصَرُّف (ف) = ڪنهن ۾ ڪم جو اختيار هڻڻ. ٻيڪار ڪرڻ] استعمال. عمل. اختيار. قبضو. خرچ. طاقت. اثر.
• **تصرف ۾ آڻڻ:** ڪم آڻڻ. استعمال ڪرڻ. خرچ ڪرڻ.
• **تَصْرِيح:** ث. [ع. صَرَحَ > صَرَحَ. تَصْرِيحْ = وضاحت ڪرڻ. سمجهائڻ] وضاحت. سمجهائي.
• **تَصْرِيف:** ث. [ع] تبديل. گرامر جو اصطلاح ـ گردان ـ ڦيرو.
• **تَصْغِيرُ:** ث. [ع] ننڍائي. گهٽائڻ جي حالت. گرامر جو اصطلاح ـ اسر تصغير (ننڍڙائپ ڏيڪارينڌڙ اسر "پاڏو > پاڏڙو = ننڍڙو پاڏو. پار > پارڙو. گهر > گهرڙو وغيره").
• **تَصْفِيو:** ذ. [ع. صَفا > صَفْيٰ. > تَصْفِيَة = حساب صاف ڪرڻ] صفائي. فيصلو ـ نبيرو. صلح.
• **تَصَنُّع:** [ع] بناوت. ڏيکاءُ. تڪلف.
• **تَصْنِيفَ ج تَصْنِيفُون:** ث. [ع] ناهيل علمي ڪارنامو. ڪتاب (لکڻ). مضمون نويسي ـ تحرير.
ـ **تَصْنِيف ڪرڻ:** ڪتاب ناهڻ.
• **تصنيفات:** ث. "تصنيف" جوجمع. ڪتاب.
• **تَصَوُّرَ ج تَصَوُّرَ:** ذ. [ع. تَصَوُّرَ ج تَصَوُّرات] دل ۾ ويهاريل خيالي تصوير. خيال. فڪر.
• **تَصَوُّفَ:** ذ. [ع. صفا (= صاف ٿيڻ. خالص ٿيڻ) > تَصَوُّف = صوفي ٿيڻ] ننـائي خواهشن کان پاڪائي. نفس جي صفائي جو طريقو. صوفين جو طريقو. علم معرفت.
• **تَصْوِيرَ ج تَصْوِيرُون:** ث. [ع. تَصْوِيرَ ج تَصاوِيرُ] شڪل ـ صورت. مورت. نقش. خاڪو.
ـ **تَصْوِير نِهالِي:** ث. [ع. تصوير ـ ف. نِهال = ٻوٽو] وڻ ٻوٽي جي تصوير. غاليچي جي تصوير.
• **تضاد:** [ع] هڪٻئي جي مخالف هڻڻ جي حالت ـ ضد ـ مخالفت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ڪنهن لفظ سان گڏ ٻيو ان جو ابتڙ لفظ آڻجي "ڏينهن رات. سرد گرم").
• **تضحيك:** ث. [ع. ضحك = ڪِلڻ] ڪِل. ٺول. مسخري. خواري.
• **تَضْمِين:** ث. [ع. ضَمَنَ > ضَمَنَ. تَضْمِين = ذمه وار ڪرڻ. شامل ڪرڻ. داخل ڪرڻ] شامل ڪرڻ ـ ڳنڍڻ. ملائڻ. شموليت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ٻئي جو شعر يا مصرع پنهنجي شعر ۾ ڪم آڻجي).

• **تضييع:** ث. [ع] ضايع ڪرڻ – وڃائڻ.

• **تضييع اوقات:** ث. وقت وڃائڻ (اڃائي ڪوشش ۾)، اڃائي ڪوشش. پاڻي ولوڙڻ.

• **تَطابُق:** ذ. [ع. طَبَق (= لڳڻ) > تَطابُق = موافق هجڻ] هڪجهڙائي – مطابقت – موافقت.

• **تَطاوُل:** ذ. [ع] ڊيگهه. دست درازي. تعدي. ستم.

• **تطبيق:** ث. [ع. طبَق = لڳڻ] برابري. مقابلو – پيٽ. هڪجهڙائي – موافقت.

• **تَطهِير:** ث. [ع. طَهَر = پاڪ ڪرڻ] پاڪائي – طهارت – صفائي.

• **تَعارُف:** ذ. [ع. عَرَف > تَعارُف = هڪٻئي سان سڃاڻپ ٿيڻ. هڪٻئي کي سڃاڻڻ] سڃاڻپ – واقفيت – ڏيٺ.

– **تَعارُف ڪرائڻ:** سڃاڻپ ڪرائڻ. واقفيت ڪرائڻ.

• **تَعاقُب:** ذ. [ع. عَقَب > تَعاقُب = هڪٻئي پويان اچڻ. هڪ نه ٻئي واري ڪرڻ] ٻڌ ونڊ جي حالت. پويان لڳڻ. پويان پوڻ. پُٺ – پيڇو.

• **تعالِيٰ:** صفت. [عَليٰ > تعالِيٰ = بلند ٿيڻ. مٿانهون ٿيڻ] بلڪل مٿانهون – بلڪل بلند (هي؛ لفظ 'الله' 'رب' 'خدا' ۽ 'ڏاڍي' جي صفت طور ٻوليان ڪم اچي "الله تعالیٰ، رب تعالیٰ، خدا تعالیٰ، ڏاڍي تعالیٰ").

• **تعاوُن:** ذ. [ع. عانَ > تعاوُن = ڪنهن ٻئي جي مدد ڪرڻ] ڪنهن ڪم يا راءِ ۾ ڪنهن سان اتفاق. مدد – همراهي.

• **تَعْبِيْر:** ذ. ث. [ع. عَبَر = نتيجو بيان ڪرڻ] ڪنهن ڳوڙهي خيال يا مضمون جي وضاحت. سمجهاڻي (خواب جي). وصف.

• **تَعَجُّب:** ذ. [ع. عَجِب > تَعَجُّب = حيرت ۾ پوڻ. عجب لڳڻ] عجب – اچرج. حيرت. عبرت.

• **تَعْجِيل:** ث. [ع. عَجِل > عَجَل. تَعْجِيل = جلدي ڪرائڻ. تڪڙ لاءِ آماده ڪرڻ] تڪڙ – جلدي. سيگهه. تيزي. جلد بازي.

• **تَعْداد:** ذ. [ع] شمار – ڳڻيتو. انگ. انداز. ڪُل – جُملو.

• **تَعَدّي ج تَعَدِيوْن:** ث. [ع. عدا (= لتاڙڻ) > تَعدي (عليٰ)، تَعْدِيَة = ٻئي جا حق مارڻ] زيادتي – ناحق. جٺ – سيڪت.

– **تَعَدّي ڪرڻ:** انڌير ڪرڻ – ناحق ڪرڻ. جٺ ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **تعرض:** ذ. [ذ. عرض = سامهون اچڻ] روڪ – آڏ. مخالفت. اعتراض.

• **تَعْرِيْف ج تَعْرِيفَوْن:** ث. [ع. تَعْرِيف ج تعاريف. تعريفات] ڪنهن لفظ. نالي. نقطي. اصطلاح يا جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم جي صحيح ۽ مناسب نموني ۾ سمجهاڻي – Definition. وضاحت – سمجهاڻي. وصف. بيان. سڃاڻپ. واقفيت. واکاڻ – ساراه.

• **تَعْزِيت:** ث. [ع. تَعْزِيَة = ڏک. آٽت. پرڃاڻي] (فوتيءَ جي عزيزن سان) – فاتحه خواني. عذرخواهي.

• **تَعزِير:** ذ. [ع] شرعي حڪم پڄڻ جي سزا – شرعي حد. قانون. قانوني فقرو.

– **تَعْزِيرات:** ذ. [ع. تَعْزِير ج تَعْزِيرات] قاعدا – قانون. قانوني فقرا.

– **تَعْزِيرات پاڪستان:** ذ. پاڪستان حڪومت جا قانون.

• **تَعْزِيو ج تَعْزِيا:** ذ. [ع. تَعْزِيَة = ڏک ۾ آٽت. مُٺي جي پرڃاڻي] حضرت امام حسين عليه السلام جي تربت يا روضي جو نقل (جو ڪاٺ. بانس ۽ ڪاغذ وغيره مان قبي جي مثل. محرم جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ ماتر خاطر ٺاهين) – تابوت.

• **تَعَصُّب:** ذ. [ع. عَصَبَ > تَعَصُّب (فِيْ. لِ)]، تَعَصُّب = حد درجي جي حمايت ڪرڻ. ڪنهن ڳالهه تي ڪُٻي بيهڻ] وطني. ديني. قومي يا عزازت جي محبت ۽ لاڳاپي خاطر سخت حمايت. حد درجي جي طرفداري. بيجا حمايت. تنگدلي. حسد. بغض.

• **تعطل:** ذ. [ع. عطل = بيڪار ٿيڻ] ٻتائي. بيڪاري. سڪڻائي. سستي.

• **تَعْطِيل:** ث. [ع] ڪم ڪار ڪان فراغت ڪنهن اداري يا ڪم جي بند ٿيڻ سببان موڪل – چُوٽي – Holiday.

• **تَعْظِيم ج تَعْظِيمُوْن:** ث. [ع. عَظَمَ > عَظَمَ. تَعظِيمُ = مان ڏيڻ. وڏو ڪرڻ] عزت – مان – شرف "توڏي کي تعظيم. ٻين سينئا اڳري" (شاهه). شانائتي خدمت خاطري. ڪرنش. وڏائي. توقير. حرمت.

– **تَعْظِيم ڏيڻ:** مان ڏيڻ. شان رکڻ. شرف ڏيڻ.

– **تَعظِيمون ڪرڻ:** شانائتيون خدمتون ڪرڻ ڪرنشون ڪرڻ.

• **تعفن:** ذ. [ع. عفن = خراب ٿيڻ] بدبوءَ - ڏپ – عفونت.

• **تَعَلُق ج تَعَلُقَ:** ذ. [ع] لاڳاپو – واسطو. رستو. آشنائي. مناسبت (شين جي وچ ۾).

– **تَعَلق رکڻ:** لاڳاپو رکڻ – واسطو رکڻ. رستو رکڻ.

– **تَعَلُقات:** ذ. "تَعَلُق" جو جمع. لاڳاپا – واسطا.

– **تَعَلُقدارُ ج تَعَلُقدارَ:** ذ. صفت. لاڳاپيدار – واسطيدار. پوئلڳ. نوڪر – ٻيلي.

• **تَعَلقو ج تَعَلقا:** ذ. [ع. عَلِقَ = واسطي ۾ هجڻ. لاڳو هجڻ < تَعَلق = مدار. واسطو] آبادي ۽ ڀل جي وصولي ۽ جي لحاظ سان هڪ مقرر حد سان لاڳو اراضي. روينيو عملدار 'مختيارڪار' جي انتظام ۽ عمل سان لاڳو حد. مختيارڪاري جي حد. ضلعي جي اراضيءَ جو مقرر پاڳو.

• **تَعَلُّم:** ذ. [ع] پڑھائي. مطالعو – اپياس. سکيا.

• **تعليمي:** ث. [ع. علم] پڙهاڪ – لاڪ. وڌائي.

• **تَعْلِيم:** ث. [ع] سکيا. پڑهائي. تدريس. هدايت – رهبري. تلقين. لوند (گهوڙي جو).

– **تَعْلِيم بالغان:** ث. بالغن لاءِ سکيا – Adult Education.

– **تعليم ڏيڻ:** پڙهائڻ. سيکارڻ.

– **تعليم کاتو:** ذ. تعليم جو ڪم هلائيندڙ محڪمو Department of Education.

– **تعليم نسوان:** ث. زالن جي تعليم – زنانو تعليم.

– **تعليم يافتو ج تعليم يافتا:** ذ. صفت. [ع. تعليم + ف. يافته (< يافتن = وٹڻ) = ورتل] تعليم حاصل ڪيل – سکيا ورتل – پڙهيل.

– **تَعْلِيمي اِدارو ج تعليمي اِدارا:** ذ. اها جماعت يا 'سوسائٽي' جا تعليم جو انتظام ڪندي هجي. تعليم ڏيندڙ ادارو – تربيت گاهه. درسگاهه. An Educational Institution.

• **تَعْمِير ج تَعْمِيرُون:** ث. [ع. عَمَرَ > عَمَّرَ. تَعْمِير = خوشحال رکڻ. آباد ڪرڻ. اَڏڻ (گهر)] عمارت ٺاهڻ جو ڪم. اڏاوت – بناوت (جاءِ جي). اڏاوت جو بنياد. عمارت سازي. مُلڪ جي آبادي ۽ خوشحالي جو انتظام. آبادي.

– **تَعْمِيري:** صفت. اڏاوت سان تعلق رکندڙ. آبادي ۽ خوشحالي جي سلسلي جو. بنيادي – شروعاتي (تعمير خاطر).

• **تَعْمِيل ج تَعْمِيلُون:** ث. [ع. عَمِلَ (= ڪم ڪرڻ). عَمِلَ عَلَيْ (= ڪنهن ڪم ٻوءِ لڳڻ) > تَعْمِيل = عمل. پوٽواري] پوٽواري – بجا آوري. سرانجامي. پيروي.

– **تَعْمِيل ڪرڻ:** ڪم جي بجا آوري ڪرڻ. پهچائڻ ('سمن'، 'وارنٽ' وغيره).

• **تعوذ:** ذ. [ع] "اعوذ بالله من الشيطان الرجيم" جو "مستحب آهي وقت وضوءَ جي جو تعوذ ۽ تسميه تائين".

• **تَعْوِيذ ج تَعْوِيذَ:** ذ. [ع. تَعْوِيذ ج تَعاوِيذ] بيماريءَ مان ڇٽڻ خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ڏوئي پيئجي يا ڳڇيءِ ۽ پائجي) – قُل – تائيٽ. خير سلامتي ۽ ڪاميابي خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ڳڇيءِ ۽ پائجي يا ٻانهن ۽ ٻڌجي). ڪنهن مطلب پوري ڪرڻ خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ٻانهن ۽ ٻڌجي. پيارجي. ساڻجي. ٻوڙجي يا ڪوهه ۽ اُجلجي) – پڙهيو. مَنْدَ (مَنْدِن – منتر. قبر جي مٿان سرَن يا پٿر جي پيتيءِ مثل تعمير. گهه جو هڪ قسم (جو ڳڇيءِ ۽ پائجي يا ڏونڙي ۽ ٻڌجي).

– **تَعْوِيذ ڪارائڻ:** بيمار ماڻهوءِ جي صحت لاءِ دعا جو ڪاغذ لکارائڻ.

– **تَعْوِيذ ڪرڻ:** پنهنجي مطلب ڪرڻ يا ڪنهن کي نقصان پهچائڻ خاطر ڏوهه جو تعويذ لکارائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ. ٽوٽا ڪرڻ – حيلا ڪرڻ.

– **تَعْوِيذ وجهڻ:** ڏوهه جو تعويذ پيارڻ. پورڻ يا ساڙڻ.

• **تعيش:** ذ. [ع. عيش = زنده رهڻ] عيش جو سامان موجود ڪرڻ. عيش آرام – سک.

• **تَعْيُن:** ذ. [ع. عَيِنَ > تَعَيَّنَ. (عَلَيْ) = مقرر ٿيڻ. سپرد ٿيڻ] مقرري – نهرائ – بحالي.

– **تَعْيُن ڪرڻ:** مقرر ڪرڻ – بحال ڪرڻ.

• **تعين ج تعينات، تعينات:** ذ. [ع] هڪ خاص مقرر صورت. وحدت جي صورت. ظهور.

• **تَغارُ ج تَغارَ:** ذ. [ف. تغار = سامان ڪٹڻ لاءِ هڪ قسم جو ڪڙيو جو گهوڙي جي ٻُڌيءِ تي ٻنهي پاسي لٽڪي ٻيهي. ٽڪر جو پيالو يا تباڪ] وڏي تغاري. وڏو ٽالهه.

• **تَغاري ج تَغارِيُون:** ث. [ف. تَغار] لوهه جي وڏي ڊونگهي ٽالهي (جا گاري وغيره ڪٹڻ لاءِ رازا ڪم آڻين).

• **تَغافُل:** ذ. [ع. تَغافُل (عَنْ) = نظرانداز ڪرڻ. ڌيان ۾ نه رکڻ] غفلت – بيپرواهي. سُستي – آرس. بيخبري – اتجائائي.

– **تَغافُل شعار:** ذ. صفت. غافل. سُست – آرسي. بيپرواهه (معشوق).

• **تُغْلَقُ گهرائو:** اسم خاص. دهليءِ جي بادشاهن جو هڪ گهرائو (جنهن ۱۳۲۰ع کان ۱۴۱۳ع تائين حڪمراني ڪئي. ۽ جنهن جي ٻئي نمبر ۽ مشهور بادشاهه محمد بن تغلق سنڌ ۾ ٺٽي تي چڑهائي ڪندي سنه ۱۳۵۱ع ۾ وفات ڪئي).

• **تَغَيُّر، تغيرات:** ذ. [ع] قيرو – تبديلي – انقلاب. ابتري. قير گهير.

• **تغير و تبدل:** ذ. تبديليون – اٿل پٿل. قير گهير.

• **تُفْ:** ندا. [ف. تُف. ع. تَفْ] نفرت جي اظهار جو لفظ. لعنت – ملامت. ٽڪ (ندا) حيف! – افسوس!.

• **تُفُو:** حرف ندا. [ف] نفرت جي اظهار جو لفظ – ملامت – حيف.

• **تَفاخُر:** ذ. [ع. فَخَرَ > تَفاخَرَ] فخر – وڏائي. تڪبر – هٺ. غرور.

• **تَفاوُت ج تَفاوُتَ:** ذ. [ع. تَفاوُت] دوري – مفاصلو – ويڇو. فرق – قير. وڇاندر – اختلاف. غلطي – ڇڪ.

• **تَفائُل:** ذ. [ع] فال. پيشنگوئي. خوشي جي آگاهي. جڳو سَوَ "قالو بلي قلب ۾. ٽيو تفائُل تيئن" (شاهه).

• **تَفْتِيش:** ث. [ع] ڳولا – جستجو – تلاش – جانچ. پچا ڳاڇا – دريافت – تحقيقات.

• **تَفَحُّص:** ذ. [ع] جستجو. جانچ. پچا ڳاڇا. ڳولا – جاکوڑ.

• **تَفْرِقہ، تَفْرِقو ج تَفْرِقا:** ذ. [ع. تَفْرِقَہ. نفاق. انتشار – ڌڙيڙ. جُدائي.

فرق – اختلاف. دوري. ڦوٽ – نااتفاقي.

• **تفرقووجهڻ:** نااتفاقي پيدا ڪرڻ. فساد وجهڻ.

• **تفريح** ج **تفريحون:** ث. [ع. فَرَحَ > تَفْرِيح = خوشي ۽ آٽو] ڪل – خوشي. فرحت – آرام – آسائش. وندر – مزو. خوشطبعي – سير ـ هواخوري.

• **تفريحاً:** ظرف. تفريح لاءِ ـ جرچي خاطر.

• **تفريد:** ث. [ع] اڪيلائي – خلوت.

• **تفريق:** [ع] علحدگي – جدائي. نفاق. منافقت. ڏڦيڙ – ڦوٽ.

– **تفريق ڪرڻ:** جدا ڪرڻ – ڌار ڪرڻ. ورهاڱو ڪرڻ. ڇيد ڪرڻ (جملن جو).

• **تفسير** ج **تفسيرَ:** ذ. [ع. فَسَرَ > تَفْسِيْر] اهو بيان جو پوري سمجهائيءَ سان هجي. تشريح. قرآن شريف جي معنيٰ ۽ سمجهائي.

• **تفصيلَ** ج **تفصيل:** ذ. [ع. فَصَلَ (= جدا ڪرڻ) > تفصيل] وجور – پرچون – فهرست. سريستو احوال. بيان. تشريح.

– **تفصيلوار:** ذ. صفت. مفصل – وجور وار – سريستو – سلسليوار. وضاحت سان.

• **تفضيل:** ذ. [ع] هڪ ڪي ٻئي تي فضيلت ڏيڻ – ترجيح.

• **تفضيليه:** اسم خاص. [ع] شيعن جو هڪ فرقو (جو حضرت علي(ع) ڪي ٻهرين تن خليفن تي فضيلت ڏئي).

• **تفڪر:** ذ. [ع] فڪر – خيال – ويچار. ڳڻتي. انديشو – ڊپ.

• **تفنگ** ج **تفنگون:** ث. [ف] بندوق.

– **تفنگچي** ج **تفنگچي:** ذ. صفت. [ترڪي] بندوق باز. بندوق هٿ ۾ هوشيار.

• **تفنگ** ج **تفنگ:** ذ. [ف] ڏاڪڻ جو نندڙو ٽڪو جنهن ۾ سُئي لڳل هجي (ٻار راند طور آڻجيءَ ۾ وجهي ڦيرڪ ڏيندا آهن ته سُئي گل سميت نشان واري هنڌ تي وڃي لڳندي آهي). آنجي گل – تفنگ سوزني (ف). (ذ. صفت) [ف. تفنگ =بر گولو] جوانمرد – پهلوان. باهمت – بهادر.

• **تفوق:** ذ. [ع] ٻاڻ ڪي وڏو سمجهڻ. برتري. فوقيت.

• **تفويض:** ث. [ع] ڪنهن کي سپرد ڪرڻ واري حالت – سپردگي.

• **تفنن:** ذ. [ع] خوشطبعي – ڪل پوڳ. مسخري – چرچو.

• **تڦ:** ث. [ف. تڦ =ڦڪ. بدبوءِ] ڪجرو ـ گندگي – دڦ. ڳالهائڻ ۾ بيهودگي.

– **تڦ ڪرڻ:** بيهودو ڳالهائڻ – گندو ڳالهائڻ.

• **تفهيم:** ث. [ع] سمجهائي. ڄاڻ – معلومات. سکيا.

• **تقابُل:** ذ. [ع] سامهون ٽيڻ جي حالت – مقابلو. (ظرف) دوبدو – آمهون سامهون.

• **تقاضا** ج **تقاضائون:** ث. [ع. تَقَضيٰ (= گهر پوري ڪرڻ. حڪر جي بجاآوري ڪرڻ) > تَقاضيٰ = قرض وصول ڪرڻ] طلب. سختيءَ سان گهر (قرض جي). زوردار طلب. تاڪيد. ضرورت – حاجت.

– **تقاضائي** ج **تقاضائي:** صفت. تقاضا ڪندڙ. قرض لهندڙ. ضرورتمند – گهرجائو.

• **تقاوت:** ث. [ع. وَقيٰ (= سنڀالڻ) > تَقْوىٰ (= خدا جو خوف رکڻ) > تقويٰ. تُقاة (= ڏاڙهي جو خوف. پرهيزگاري) > تقاوَتَ (سنڌي)] پرهيزگاري. ديندار. خدا ترسي. عبادت "ڪي تقاوت ۾. ڪي منجهه رباب" (شاهه).

• **تقاوي** ج **تقاويون:** ث. [ع. تَقْوِيَة ج تَقاوِ = پڄ. جو غريب هاريءَ کي ولي ڏجي] زميندار طرفان هاري کي بيج خرچ لاءِ قرض حسنہ طور اڳواٽ ڏنل رقم. هارين ۽ ننڍن زميندارن کي سرڪار وٽان آبادي‌ءَ کي وڌائڻ خاطر اڳواٽ قرض طور ڏنل رقم (جا آسان قسطن ۾ وصول ڪجي ۽ واجبي وياج جي نرخ تي ڏجي). ٻني يا آبادي‌ءَ لاءِ ڏنل قرض.

• **تقدس:** ذ. [ع] پاڪ ۽ برگزيدي هجڻ واري حالت. برگزيدگي. پاڪائي – پاڪيزگي.

– **تقدس مآب:** صفت. برگزيدو – بزرگ – پلارو شخص. پرهيزگار.

• **تقدم:** ذ. [ع] اڳتي وڌڻ يا اڳتي هڻڻ جي حالت. هڪڙي شيءَ جو ٻيءَ شيءَ کان اڳي هڻڻ (جيئن: (۱) مڪاني تقدم. جيئن امام جو مقتدي کان اڳ ۾ هڻڻ. هن کي رُتبي جو تقدم ٻه چون: (۲) زماني جو تقدم. جيئن آدم عليه السلام جو حضرت نوح عليه السلام کان اڳ هڻڻ: (۳) شرف جو تقدم. جيئن حضور پاڪ جن جو تقدم حضرت آدم ۽ ٻين نبين تي: (۴) سبب جو تقدم. جيئن هڻ جو جُرڻ ڪنجيءَ جي جُرڻ کان اڳ هڻڻ: (۵) طبع جو تقدم. ڪنهن شيءَ جو اڳ ۾ هڻڻ انهيءَ حيثيت سان ته پوئين شيءَ ان جي محتاج آهي). ترجيح.

• **تقدير** ج **تقديرون:** ث. [ع. تقدير ج تقادير] ڏٺيءَ طرفان مقرر ٿيل – پاڳو يا حصو. الاهي حڪم. مقدر – لکيو. پاڳ – بخت. نصيب – قسمت.

– **تقدير اچڻ:** لکيو پرجي اچڻ. بدقسمتي ظاهر ٿيڻ – نحوست آڏو اچڻ.

– **تقدير ۾ هجڻ:** لکڻي ۾ هجڻ. مقدر ۾ هجڻ. نصيب ۾ هجڻ.

• **تقديس:** ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراهه.

• **تَقْدِيْر:** ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراھ.

• **تَقْدِيْر:** ث. [ع] ھڪ ڪي شئي ڪان وڌيڪ سمجھڻ جي حالت – فوقيت – برتري – ترجيح. مقدمو (ڪتاب جو) – مھاڳ.

• **تَقَرُّب:** ذ. [ع] ويجھي ٿيڻ جي آرزو (ڏني تعاليٰ، نبي يا ڪنھن بزرگ سان). ويجھائي – اوڏائي – نزديڪي.

• **تَقَرُّر:** ذ. [ع] مقرر ڪرڻ جي حالت. مقرري (ملازمت ۾ يا ڪنھن ڪم تي). ٻيھڻ – داخلا (نوڪريءَ ۾). نوڪريءَ ۾ پڪو ٿيڻ.

– **تَقَرُّري ج تَقَرُّرِيُون:** ث. ڪنھن عھدي يا نوڪريءَ تي مقرري.

• **تَقْرِيب ج تَقْرِيبُوْن:** ث. [ع. قَرِبَ = ويجھو ٿيڻ] ويجھو ڪرڻ جي حالت – ويجھائي – اوڏائي – نزديڪي. ريت – رسم (ماڻھن جي ڪٺ ٿيڻ جي. ڪنھن شادي وغيره جي موقعي تي). مجلس. دعوت. موتعو.

• **تَقْرِيباً:** ظرف. [ع. قَرِبَ = ويجھو ٿيڻ] جي ويجھو – لڳ ڀڳ. اٽڪل روء – اندازاً – ٽلھي ليکي.

• **تَقْرِير ج تَقْرِيرُوْن:** ث. [ع. تَقْرِير = لکيل بيان. دستاويز. شاھد جو بيان] بيان – ليڪچر – ويھاڪيان. ڏکھي گفتگو. وڏو بيان. خطاب.

• **تَقْرِيظ ج تَقْرِيظُوْن:** ث. [ع. قَرَظ. تَقْرِيظ = مدح ڪرڻ] ڪنھن ڪتاب بابت راءِ (جنھن ۾ مصنف جي ساراھ مقصود ھجي). تبصرو.

• **تَقْسِيم:** ث. [ع. تَقْسِيم = ورھائڻ. پاڳا ڪرڻ] پاڳيوار ورھاست ورھاڱو – ونڊ.

• **تَقْصِير:** ث. [ع. قَصَرَ. تَقْصِير = گھٽ ٿيڻ. گھٽ ڪرڻ] ڏوھ – قصور. خطا – غلطي. گھٽتائي – ڪمي – ڪوتاھي. غفلت – ويسر. پل – ڇڏ.

• **تقطير:** ذ. قطرو قطرو – ڦڙو ڦڙو "تقطير جون ٽنھن ڪي جو تمام ٿورو ھارجي آب اگرن تا"

• **تَقْطِيع:** ث. [ع. قَطَعَ > تَقْطِيع = ننڍا ننڍا ٽڪر ڪرڻ] وڏن ٽڪرن ڪرڻ جي حالت. پچ – ٽوڙ. وڏ ٽڪ. ڊيگھ ۾ ويڪر (ڪاغذ جي). علم عروض جي اصطلاح موجب – شعر جي مصرع کي بحر جي رڪنن موجب وڏڻ ورڇڻ.

• **تَقْلِيب:** ث. [ع. قَلَبَ. تَقْلِيب = اٻتو ڪرڻ] اونڌو يا اٻتو ڪرڻ جي حالت. لفظ جي حرفن جي اٻتي ڦيرگھير (جيئن ته ڪج > ڇڪ. ڪيس > سيڪ).

• **تَقْلِيدَ ج تَقْلِيْدُوْن:** ث. [ع. تَقْلِيد] ڪنھن جي نقش قدم تي ھلڻ جي حالت – پيروي. اسلامي فقه ۾. ڪنھن به ھڪ فقه جي امام جي قائم ڪيل نظرين ۽ اصولن جي پيروي. ٻ سوچ ويچار جي ڪنھن شئي جي نظرين جي پيروي.

– **تَقْلِيدي:** صفت. تقليد ڪندڙ. اڳيون ھوتي ڪنھن جي پويان لڳندڙ.

• **تَقْوِيٰ:** ث. [ع] خدا جو خوف – خداترسي. گناھن کان بچاءَ – پرھيزگاري. زھد – عبادت.

• **تَقْوِيَتْ:** ث. [ع. قَوِيَ = مضبوط ٿيڻ] مضبوطي – پڪائي. طاقت – قوت – سڳھ. ٻڌپ. تسلي.

– **تَقْوِيت پھچائڻ، ڏيڻ:** مدد ڏيئي مضبوط بنائڻ. ٻڌپ ڪري ھمت ڏيارڻ.

• **تَقْوِيم:** ث. [ع] سڌي ڪرڻ جو عمل. نھايت سھڻي سڌاءَ. قيمت جي ڪٺ. علم نحو موجب سال جو حساب – جنتري.

• **تقيه:** ذ. [ع. تقي = خدا کان ڊڄڻ] خدا جو ڊپ. پرھيزگاري. تقويٰ. اھا ڳالھ جيڪا ڊپ جي ڪري سڄي نہ ٻڌائجي يا لڪائي ڇڏجي، يا ان جي بدران ڪوڙ ناھي ٻڌائجي. ڪنھن ڇڪي ڪم لاءِ ڏنل دوکو.

• **تَڪ ج تَڪُوْن:** ث. [سن. تَرْكَ = نظر ۾ رکڻ. ف. تَكِيدَنْ = پوريءَ طرح سان نظر مان ڪيڻ. جانچڻ] نظر – نگاھ. جانچ. ويچار واري جانچ – ڪٺ جي نگاھ. ڪٺ – اندازو – تل. اٽڪل روء تور. اندازي موجب پتي. خيال – پور. جوڪي.

• **تَڪَ تورَ:** ث. اٽڪل روء وزن. تخمينو – ڪٺ. پوري ويچار موجب وزن تخمينو – ڪٺ. پوري ويچار موجب وزن يا ورچ. ڳڻ ڳوت. رٽ بھت.

– **تَڪ تور ڪرڻ:** ڳڻ ڳوت ڪرڻ. اڳ پوء جانچڻ. ويچار ڪرڻ.

– **تَڪ ڪرڻ:** اٽڪل روء وزن يا ماپ جي ڪٺ ڪرڻ. اندازو ڪرڻ. نگاھ ڪرڻ. واجھائڻ.

– **تَڪ ۾ رھڻ:** ڏسندو رھڻ – وات نھارندو رھڻ. انتظار ۾ رھڻ. آسري ۾ رھڻ. ڳڻ ڳوت ڪندو رھڻ.

– **تَڪ نہ پوڻ (ت):** ڪنھن تي اک نہ ٽڪڻ. ڪنھن کي ھيچ ڪري سمجھڻ.

– **تَڪَ نہ ھجڻ (ت):** ڪنھن جي پرواھ نہ ھجڻ. پوڙ نہ ھجڻ.

• **تَڪُ ج تَڪَ:** ذ. [سن. تَكْشْ = ٽڪر ڪرڻ. ف. تِكَهْ = تڪرو] پاڳو – ٽڪر – حصو. ماپ – ڪڇ. وڻ – ورڇ. ڪيڙي جو ٽڪرو – ڏر. شھر جو پاڳو. زمين جو آباد ٽڪر. بن تن ٽنن جي ڳڏيل ايراضي. ميمبر يا ميمبر جي چونڊ خاطر مقرر ڪيل آبادي يا ايراضي.

• **تِڪ:** ث. ڪيڙيءَ جو ھڪ قسم. گاھ جو ھڪ قسم Eclipta prostrate.

• **تِڪّ ج تِڪُنْ:** ث. [سن. تِگ = هيٺ گهلڻ، لهرارو ٿيڻ] گِيتَ يڪدم گِيهڙ جي حالت. يڪساهي ٻيڙ جو نمونو. وڏو ڊُڪ – ٻَڏ (ت). تُڪر – گِيو – گِنَرو "تِڪُون ڪري تور محبت جي ميدان ۾" (خانه زئي).

• **تِڪ تري:** ث. ڏُکيو (جا تريءَ تي رکي ڦڪجي) "صحت جي شريف چئي ڏينءِ تِڪ تري" (شريف شاه).

• **تُڪ ج تُڪُنْ:** ث. بن چئن لفظن جي موزون سِٽَ. بيت جي سِٽَ. مصرع جو حصو. اهڙا الفاظ جن ۾ وزن ۽ قافيو هجي. شعر يا نثر جا موزون لفظ جي زبان تي جڙهي وڃن.

– **تُڪ ۾ تُڪ ملائڻ:** قافيو قافيي ۾ ملائي بيت جي نئين سِٽَ يا مصرع جوڙڻ. ساڳئي نموني جي ڳالهه ڪرڻ. ها ۾ ها ملائڻ. تائيد ڪرڻ.

• **تُڪَ ج تُڪَ (ڪ):** ذ. پاڪو (سئيءِ جو) – دُڪ

• **تِڪائڻ:** مصدر. "تِڪَڻ" مان متعدي بالواسطه. تِڪا ڪرائڻ – تُڪرا ڪرائڻ – ڳپا ڪرائڻ. (تِڪايو – تِڪائيندو – تِڪايل).

• **تَڪبُر:** ذ. [ع] هَٺ – غرور – گهمنڊ. فخر. وڏائي. آڪڙ – قُنوند.

• **تُڪ بَنْدي ج تُڪ بَنْدِيُون:** ث. اِنشاءَ جي هڪ صنعت. جنهن ۾ (نظم يا نثر ۾) اهڙا لفظ ڪم آندا وڃن، جن جو پهريون اکر ساڳيو هجي "پِيرُو پُٽ؛ پائي پائي ڏي"؛ يا "ربّ جي رهه رمز ۾، ري ربّ غافل ڪيم گهار" (قاسم). قافيي بندي "اي فقيي بي پِير، ڪاري ۾ ناهي تنهنجو ڪر نظير"، بي معنيٰ ۽ بي موقعي قافيه پيمائي. جهڙو تهڙو نظم.

• **تَڪْبِيرَ ج تَڪْبِيرُون:** ث. [ع. تَڪْبِير] خدا جي وڏائي جو بيان. خدا تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪرڻ جو فقرو "الله اڪبر". نماز ۾ "الله اڪبر" چوڻ. جانور کي ذبح ڪرڻ وقت "الله اڪبر" جو فقرو چوڻ – سِيْر.

– **تَڪْبِيرِ اُولىٰ، تَحْرِيمَه:** ث. نماز جي پهرين تڪبير.

– **تَڪْبِير وَجهڻ، وهائڻ:** "الله اڪبر" چئي جانور کي سِيرَ وجهڻ. حلال ڪرڻ – ذبح ڪرڻ.

– **تَڪْبِير هڻڻ:** "الله اڪبر" چوڻ.

• **تڪدر:** ذ. [ع. ڪدر = ميرو ٿيڻ] پريشاني – ڳڻتي. ميراثي (دل جي).

• **تَڪْذِيب:** ث. [ع] ڪوڙو ڪرڻ. ڪُوڙو نهرائڻ. ڪوڙ سمجهڻ جي حالت. ڪوڙ ڳالهائڻ جو الزام.

• **تڪرو:** صفت. ڪڪڙ جو وڏو ٻچو (جهن مهينن کان وڏو).

• **تَڪْرارَ ج تَڪْرارَ:** ذ. [ع. كَرَرَ تَكْراراً = وري وري چوڻ] وري وري چوڻ جي حالت. اصرار. حجّت. اعتراض. رَدّ. بحث. سوال جوابه. چتاپيتي. ضد. معاملو – جهڳڙو. زباني جهيڙو. دشمني. مخالفت.

– **تَڪرار ٿيڻ:** معاملو ٿيڻ. جهيڙو ٿيڻ. قَدو ٿيڻ. دشمني ٿيڻ.

– **تَڪرار ڪرڻ:** جهيڙو ڪرڻ – قَدو ڪرڻ.

– **تَڪراري ج تَڪراري:** ذ. صفت. تڪرار ۾ آيل قَدي ۾ پيل (ڳالهه، شيءِ وغيره). معاملاتي. ضدي. بحثي. جهيڙاڪار – فسادي.

• **تَڪْرِيم:** ث. [ع] تعظيم. احترام. عزت. آدرپاءِ.

• **تَڪْوِ ج تَڪْوُن:** ث. سيگهه – جلدي. شتابي. اُبهرائي. تاهُوت. بي صبري.

– **تَڪْوِ پِڪْوِ:** ث. حد کان زياده جلدي. اڃائي جلدي. وت پڪوِ – هوءِ وٺ.

– **تَڪُور ج تَڪُورا:** ذ. صفت. تڪڙ ڪندڙ – تڪڙ وارو. اُبهرو – اُتاولو. ظرف. تهتا – جلد – سگهر. تڪو. (ث) تَڪْڙي ج تڪڙيُون.

– **تَڪُور پوڻ:** تِڪو ڳالهائڻ. اُتاولو ڳالهائڻ. جهيڙي جي نموني ڳالهائڻ. ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ.

• **تڪڙائي:** ث. تڪڙ – جلدبازي.

• **تَڪْفِيرْ:** ث. [ع] ڪافر سمجهڻ جي حالت. ڪفر جي حالت. ڪفر جو الزام. ڪفر (جي فتويٰ).

• **تَڪْفِيْن:** ث. [ع. تَكْفِين = ڪفن ۾ ويڙهڻ] ڪفن ڏيڻ جي حالت (اڪثر هيءَ لفظ 'تجهيز' سان گڏ ڪم اچي "تَجْهِيز تَكْفِين" = ڪفن دفن).

• **تَڪُل ج تَڪُلُن:** ث. نندڙو لغڙ – گندي. لغڙ جو هڪ قسم.

– **تَڪُل وانگر نجائڻ:** لغڙ وانگر ڏور هٽ ۾ جهلي ڦيرڻ ڏيارڻ.

• **تَڪْلُتُون:** ذ. [فـ. تَكْلُتُو] گهوڙي جي ٻُڌيءَ جي حالت لاءِ هني جي هيڻان رکڻ جو ڏُلهو نود.

• **تَڪْلِيفْ ج تَڪْلِيفات:** ذ. [ع] ٻئي کي تڪليف ڏيڻ وقت رسمي ظاهرداري. ظاهري تڪليف. رسمي عمل. بهاني طور عمل.

• **تڪلمو:** ذ. [ع. كلم = خطاب ڪرڻ] ڳالهاءِ – ڳالهائڻ – گفتگو – ڳالهه برلهه.

• **تُڪلو ج تُڪلا:** ذ. تُڪو.

• **تُڪْلِي ج تُڪْلِيُون:** ث. ڪپڙي جي ٽڪري جنهن تي ڪپڙندڙ دوا لڳل هجي (جا ڪنهن سُور واري هنڌ تي بڌجي) – پلستر.

• **تَڪْلِيفَ ج تَڪْلِيفُون:** ث. [ع. تَكْلِيف ج تكاليف = ڏکيائي، رسمي عمل] ڏکيائي – دشواري. زحمت – دقت. رولو. رنج – ڏک. ايذاءَ. آزار. سُور. مصيبت – آفت. نقصان. بيماري. ڪشالو – جاکوڙو.

– **تَڪْلِيف ڏيڻ:** سور ڏيڻ. رنج ڪرڻ. ڪنهن کي ڪري ڏيڻ لاءِ جوڙ. تڪليف وٺڻ لاءِ بار رکڻ.

– **تَڪْلِيف گُوارا ڪرڻ:** تڪليف سهڻ – زحمت برداشت ڪرڻ.

– **تکليف ۾ وجهڻ:** ڪنهن کي تڪليف واري ڪم ۾ لڳائڻ. تڪليف ڏيڻ.

• **تڪليفون ڪيڻ:** مصيبتون سهڻ. ڏاڪڙا ڏسڻ.

• **تُڪمو ج تُڪما:** ڏ. [ترڪي. دُگمَهٔ: ف. تُخمَهٔ] سُٽ مان ٺهيل ٻيڙو ٻهراڻ وغيره جو. سرت' (ل). ٻونبو. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا گل گاڙها ٽين). گل جو هڪ قسم – تُڪمي جو گل "تُڪما تير ڏِني، ڪي، جمن ٽيا چوڏس" (جلال ڪتي). تَن پرڻ (ل).

• **تُڪميل:** ث. [ع] پُورائي – سرانجامي. پڄاڙي – انتها.

• **تڪڻ:** مصدر. [سن. تَرڪ = نظر ۾ رکڻ. ف. تَکيدَن = پوريءَ طرح نظر مان ڪيڻ. جانچڻ] ڏسڻ – نهارڻ – جاچڻ – چتائڻ. غور سان ڏسڻ. گهُورڻ. جرهه وجهڻ – نظر ڪرڻ. اکيون ڦاڙي ڏسڻ. اک رکڻ. اک وجهڻ (برائي مال ۾). تاڙڻ. سهي ڪرڻ. لڪي ڏسڻ. واجهائڻ. جاهڻ – گهُرڻ. اميد رکڻ. خيال ڪرڻ. اندازي سان تور ڪرڻ – ڪُٽڻ – تَلڻ. بندوق سڌڻ. نشان ڪرڻ. (تڪيو – تڪيندو – تڪيل).

• **تِڪو ج تِڪا:** ڏ. [ف. تِکَهٔ = تَکَر] تُکرو (گوشت يا مڇيءَ جو) – ٻيرو – ڳچو. ڏرو.

– **تِڪا ڪرڻ:** تُکرا ڪرڻ. ڳچا ڪرڻ – ٻيرا ڪرڻ. ذرا ذرا ڪرڻ.

• **تُڪو ج تُڪا:** ڏ. [ف. تُخمَهٔ] بنا ڇهنب يا آڻيءَ جي تير. تِڪي جوتيءَ بنا گز. اُهو گز جنهن جي جوتي گول هجي (جو اَڏامندڙ پکيءَ کي پاسيارو هڻجي) "ڳچو ته تير نه ته تُڪو" (جوٽي). جاءِ جي پڪل ڪار کي ٽيڪ طور ڏنل ڪاڻيءَ تُڪر. مُهر جو نشان يا داغ (جو فقير ڏونڙي تي ڏيارين). داغ – ڏنب "ڏنا ڏکئي ڏيل کي، تُڪا طبيبن" (خانه زڻي). ڪنهن درگاهه تي باسيل پَٽ – تلُ – ڪَنڊوري (ڪ).

• **تُڪوين:** ث. [ع] خلقڻ يا پيدا ڪرڻ. جي حالت. پيدائش – خلقت – عالم وجود.

• **تِڪي ج تِڪيُون (ڪ):** ث. ڏاس يا اَڻ مان ٺهيل سهڻي فراسي.

• **تُڪي ج تُڪيُون:** ث. سٽ يا ڪانهن جي ڪاني مان ٺهيل سنهون گز (جو ڪمان مان تِڪو ۽ پري رڄي).

– **تُڪي ٽيڻ:** تُڪي وانگر تڪو وڃڻ. ڇڄڻ.

• **تِڪيو ج تِڪيا:** ڏ. [ع. تَڪيَهٔ = وهاڻو] وهاڻو – طنول – گديلو (جنهن کي ٽڻن کان رکي ٽيڪ ڏجي). وهاڻو – سراڻو. آسرو – آڌار. پروسو – توڪل. ڏيڍ فوٽ ڪن ڍڳهي ڪاٺي (جنهن تي فقير ويٺي ويلي نراڙ رکي فڪر پڄائين يا ڌيان لڳائين). ٻيراڳڻ. فقيرن جي ويهڻ جي جاءِ ـ آستانو. ماڳ – مڪان. اَڄهو "تڪيا سپ تڪيام، توريءَ تڪيو ناهه ڪو" (شاهه).

– **تِڪيا تَڪڻ:** فقيرانا آستان پيڻ – درويشن جي درگاهن تي دعائون پڻ.

– **تِڪير جاگِيَر:** اسر خاص. تعلقي ميربور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تڪيه ڪلام:** ڏ. [ع. تَڪيَه + ڪلام = ڳالهه] اهو لفظ جو ڪو ماڻهو ڳالهائڻ ۾ ڏري ڏري استعمال ڪري – عادتي لفظ (جهڙوڪ: سمجهئي نه، ڄمئين نه، سائين کي چوان' وغيره).

• **تِکَ:** ث. [سن. تيکشَنَ] تِکائي – تيزي. تِکي وَهَڪ – سِيَر (پاڻيءَ جي). تيز رفتاري. جلدائي – شتابي. تکڙ. کاوڙ – تيز تيزي (سج جي). تَپَت (ڏينهن جي) – کاڙهو – اُڌت.

– **تِکَ تارَ ۾ وجهڻ:** لهرين ۾ لوڙهڻ. وڏي تڪليف ۾ وجهڻ – سخت مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ.

• **تِکاڙ:** مصدر. تَکرا تَکرا ڪرڻ. وري وري جوڙ.

• **تَکَرُ (ث):** ذ. صفت. جهيڙاڪ. جيڙاڪ.

• **تِکَرُ ج تِکَرَ (ل):** ذ. صفت. تِکو – تيز. جلد باز. کاوڙيل. وڙهٽو.

• **تکرو:** ث. [ع. جبيرة] پهو (قت ڦڙي تي رکيل). لهري "مڪ جا تکرءِ پتيءَ تي ڪجي سا آهي منجهه حڪم غسلا".

• **تَکَڙَ (ت):** ث. تِترن قاسائڻ جي ڪاهي.

• **تَکڙ ج تَکڙَ:** ذ. صفت [سن. تيڪشَنَ] تِکو. چالاڪ. چست – قُرَٽ – برجستو. (ذ) ڪير جا پڄاڙيءِ وارا گهُرها. ڪنهن به جوهائي جو وڏو قُرَٽ پڄرو.

• **تَکڙ (ت):** مصدر. ڳولڻ. ڪوشش ڪرڻ.

• **تَکو ج تَکا (ت):** ذ. ميدان – پولو. ڊير.

– **تکر ٿرُ ڪيو ڇڏڻ:** ستياناس ڪرڻ – جهڳو جهڻ ڪرڻ.

– **تَکي تي ويهڻ:** بوٽي تي ويهڻ – پڌرئي ويهڻ. سَڄ تي گذر ڪرڻ.

• **تِکو ج تِکا:** ذ. صفت. [سن. تيکشَنَ] تيز (رفتار). سراڻ جڙهيل (اوزار) – جلد – شتاب – تکڙو. هوشيار – چالاڪ. بلڪل پورو (ڏرو به گهٽ نه). کڙو – تلخ. جيڙاڪ. اُهو (سون وغيره). سُلو – نج. (ذ) ڪبوترن جو هڪ قسم (بازيگر). (ث) تِکي ج تِکيُون.

– **تِکاتو ڏيکارڻ:** شوخي ڏيکارڻ – قُرَٽي ڏيکارڻ.

– **تِکاڻ، تِکائي:** ث. تِکَ. کوڙاڻ (دوا يا مرچن جي). تلخي. تيزي (شراب جي). اُچائي (سون جي). کاوڙ جي تيزي.

– **تِکو ٽيڻ:** تيز ٽيڻ. تکو ڳالهائڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. اُچائرو ڳالهائڻ. کاوڙ مان ڳالهائڻ. تکڙو رڄڻ. کاوڙجي روانو ٽيڻ.

– **تِکو هلو ٽيڻ، پوڻ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ. کَهرو ڳالهائڻ. کاوڙ مان

ڳالهائڻ جيئن پوڻ.

– **ٽگ ۽ ويڻ ٽگ وٽاڻ ٽگ وڏو:** ث. ڏوڙ ڏ ڪ – ڇ ڏوڙ. ڪوشش.

• **ٽگاءُ (ت):** ز. [فـ. تگ دَوْ - ءِ ڪ ڏوڙ] آند ماند. ڳڻتي. ڪاپار.

• **ٽگاڻي ۾ پوڻ:** فڪر ۾ پوڻ – ڳڻتيءَ ۾ پوڻ.

• **ٽگاري ج ٽگارِيُوڻ (ت):** ث. ڏڪان تي پٽسن رکڻ جي بيٽي يا ٽاڻ. (اڪثر 'اگر' لفظ سان گڏ ڪم اچي 'اگر ٽگر' يا 'اگر ٽگر' = هڙ موڙي). وڏو وٽو يا وڏو ٽاڪ (جنهن ۾ گهٽو ڪاڏو پوي). خوشبودار وڻ جو هڪ قسم (جنهن جا پن دوا طور ڪم اچن).

– **ٽگر ڪاڻي:** ث. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم 'ٽگر' وڻ جي ڪاڻي.

• **ٽگرگ:** ذ. [ف] ڪڙو.

• **ٽگوڻ:** ذ. [ترڪي. تاغره] اُٺ جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو.

• **ٽگي ج ٽگيُون (ت):** ڪپ جي وڻ جي ننڊ (جا اُٺ ڪاڻي).

• **ٽگ:** ث. جياپو – ٽڳاءُ.

• **ٽڳ (ڪ):** ث. ٻڪريءَ وغيره ڪي هڪلڻ لاءِ وات جي ڳنڍڪار. ٽڳڻ جي حالت. چوري.

• **ٽڳا:** ث. ٽڳاءُ.

• **ٽڳاءُ:** ذ. جياپو – تاڳاپو. گذر سفر. جتاءُ – پائداري.

• **ٽڳائڻ:** مصدر. جيئرو رکڻ – زنده رکڻ. هلائڻ – تورڻ. (ٽڳايو – ٽڳائيندو – ٽڳايل).

– **ٽڳائو ج ٽڳائُو:** ذ. صفت. پائدار – جتاءُوار.

• **ٽڳائڻ:** مصدر. لِڪائي ڪڍي وڃڻ – ڪِسڪائڻ. گم ڪرڻ – ترڪائڻ. (ٽڳايو – ٽڳائيندو – ٽڳايل).

• **ٽڳڙ:** اسر خاص. 'سمات' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ٽڳڙا:** اسر خاص. 'سمات' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ٽڳڙُ (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **ٽڳڻ:** مصدر. جيئڻ – جيئرو رهڻ – زنده رهڻ. پساهه کڻڻ. جتاءُ ڪرڻ. (ٽڳيو – ٽڳيندو – ٽڳيل).

– **ٽڳي ٽڳي ڀڄڻ:** ڏڪا ٽاپا کائي وڏو ٽيڻ. حياتيءَ جا ڏڪيا سڪيا ڏينهن گذارڻ.

• **ٽڳڻ:** مصدر. ڪِسڪڻ – لِڪي پڄڻ.

– **ٽڳي وڃڻ:** ڪِسڪي وڃڻ – لڪي پڄڻ – ترڪي وڃڻ.

• **ٽڳوصر:** اسر خاص ٽنگر يارکر ۽ ڪيري تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **ٽڳي ج ٽڳيُون:** ث. ڪاري رات "ڪارا ڪُن. ڪاري ٽڳي. جت ڪاريهر ڪڙڪا" (شاهه). "ٽڳي. توهياري. تاضني. ٽمهر. تام تمس – رات. رَجني. ليل ڪي. ڀَنب. چنيهر. تَس" (ڏهسنامو). مينهن.

◦ **ٽڳير ج ٽڳيا:** ذ. صفت. جيئرو – زنده ـ حيات. (اسر خاص) مرد جو نالو.

• **ٽڳي وِياڻي:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽلَ:** ذ. [تَليهَر (= ڪارو ٽانگ. تشبيهه طور 'وار') > (مخفف) ٽلَ] وارَ "سر ڪنڊ ۾ سُرها ڪيا. ٽرني لوئي ٽلَ" (ڪنهار). "ٽلَ" جو جمع. (اسر خاص) تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽلَ ج ٽلَ:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَرُ – تَرُو. هيناهين – نشيبه تري واري زمين – ترائي. پٽَن جي وچ وارو ڪشادو ميدان (جنهن ۾ مينهن جو پاڻي آسپاس جي مٿانهين زمين يا پٽَن تان لهي اچي ۽ ان پاڻيءَ تي زمين آباد ٿي سگهي) – ڏهر ٽلي (ث). ٽلاءَ گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو (جانورن جي وارن يا نود مان نهيل ٽلهو گَندو جو گهوڙي جي پُٺيءَ تي ٿي وجهي مٿان هنو رکجي).

– **ٽلَ ٽلَ ڪرڻ:** پٽ يا جبل تي لَهه چڙهه ڪرڻ. اچڻ وڃڻ.

– **ٽلَ ڪرڻ:** تَرُ ڪرڻ. گم ڪرڻ – لڪائڻ.

• **ٽلِ ج ٽلِ:** ذ. ڪنهن درويش يا وليءَ جي ياد ۾ ٿيڻ جي ڏڪ ڪاڏو (جو فقراءَ لاءِ تيار ڪيو وڃي. ۽ عوام ۾ ٻڌ تبرڪ طور وهائجي. گوشت. چانور. پاجهري. دال ۽ ٻيون اهڙيون شيون جي نذراني طور ملن سي سڀ ملائي 'ٽلِ' رڌو ويندو آهي). – ڪُنڊوري. خيرات [سرائڪي] تِرُ. تورو ذرو.

– **ٽلِ ٽلِ ڪرڻ:** معمولي خيرات ڪرڻ. سادو طعام تيار ڪرڻ.

• **ٽلُ ج ٽلُ:** ذ. صفت [سن. ٽلُ = مَٹ] برابر – مَٹ – همسر – جهڙو – مشابه ـ سمان – مثل "سوالک ۾ سرس سوايو. طور نه تنهنجو ٽلُ" (احمد شاهه). هڪجهڙو – ثاني. هڪ جيڏو. هم صورت. ساڳيو. جيڏو – سرتو. (ث. صفت) برابر – ثاني "رتيون مڙيئي پاليون. ڪانهي ٽلَ بهار". (ذ) تمام وڏهي غار (جنهن جو چيڙو ڏسجڻ ۾ نه اچي) (ڪ). چيڙو – پچاڙي – پوڇڙ – ڏنگ.

– **ٽلُ مُلُ:** صفت. مَٹو مَٹ – بلڪل برابر. هڪجهڙو.

• **ٽلُ، ٽلُ، ٽلا:** ث. [سن. تَلا = ساهمي. تارازي] علم جوتش موجب آسماني برجن مان ڏهين برج جو نالو (مڪر. ڪُنبِ. مين. مينگهه. ورڪ. مڪَن. ڪرڪ. شنگهه. ڪنيا. تُل. وڇڪ. ڌن) – ميزان.

• **ٽلُ ج ٽلُون:** ث. [سن. ٽلَ] اُيو مٽي ڏنل زور – ڏڍ. اُيي اُچل. ٻَلُ.

– **ٽلُ ڏيڻ:** مٽي اُيو زور ڏيڻ. مٽي ڏڍ ڏيڻ. جوائيءَ کي ڦرڻ بعد ڏنب ڏيڻ (جيئن جوائي چرڪ پري ڳَٻَ وڃي ۽ ٽَنجي نه پوي). ٻَل ڏيڻ.

• **ٽلاب، ٽالاب:** ذ. [ف. تِلاب. ٹلاب] تلاءُ.

• **تَلَرَ**: صفت. پريل (پائيءِ سان) – تمتار.

• **تَلا زَمْ**: ڏ. [ع. لَزِمَ = لازم ڪري ونڻ] لازمي طور اختيار ڪرڻ جي حالت.

• **تَلاسُ**: ٿ. ڏسو "تلاش".

• **تَلاش** ج **تَلاشُونْ**: ٿ. [ف] ڳولا – جانچ. وڙ. پچا ڳاڇا. جانچ – جاکوڙ – جستجو. تحقيق.

– **تَلاش ڪرڻ**: ڳولا ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پچا ڳاڇا ڪرڻ.

– **تَلاشي تَلاشيُونْ**: ٿ. تلاش. گم ٿيل يا چوري ٿيل شيءِ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن مائهو جي بدن يا گهر جو جهاڙو.

– **تَلاشي ڏيڻ ونڻ**: جهاڙو ڏيڻ – جهاڙو ونڻ.

• **تَلاطُم**: ڏ. [ع. لَطَمَ. تَلاطُمَ = ٽڪر هڻڻ > ف. تَلاطُمِ اَمواج = لهرين جو ستڪو] زوردار هوا سببان چولين جو ستڪو. پائيءِ جو جوش. لهرين جو زور. چولين. طوفان.

• **تَلا فِي** ج **تَلا فِيُونْ**: ٿ. [ع. تَلا فيٰ = مرمت ڪرڻ. ڳنڍ توب ڪرڻ] نقصان جي پورائي. عوض – بدلو (جيڪو پنهنجي مرضي سان ادا ڪجي). پاداش.

– **تَلا في ڪرڻ**: ڪنهن نقصان يا کوٽ جو پورائو ڪرڻ. عوض پوري ڏيڻ.

• **تَلامِيذ**: ڏ. [ع. تِلْميذ ج تَلامِيذ] شاگرد.

• **تَلانْبو**: ڏ. دَرُو – لَڪ.

• **تَلانْگهو (ڪ)**: اسم خاص. هڪ نشين جو نالو.

• **تِلانْگهو** ج **تِلانْگها (ڪ)**: صفت. ويڪرو – موڪرو – خلاصو.

• **تَلانْ ولانْ تِلانْ و لانْ (ت)**: ٿ. آڻ مانڊ – هُرڪر. بيقراري – بي آرامي.

• **تِلاوَتَ** ج **تِلاوَتُونْ**: ٿ. [ع. تِلاوَة = پڙهڻ] پڙهڻ (قرآن مجيد) – دور (قرآن شريف جو).

• **تَلاهُ** ج **تَلاهَ**: ڏ. [ف. تَلاب] تلاءَ.

• **تِلاهُ (لس)**: ڏ. [ف. تَلْهَ = سون. ع. طِلا = سون] سون. (صفت) سونهي "سونهي ساهه. تلاهه تلڪي. تنهن سر موتي مڙهايا‌س" (شيخ ابراهيم).

• **تَلاهه (لس)**: ڏ. پيرن ۾ پائڻ جو هڪ گهڻ (پيرن جي آڱوٺن ۾ پائڻ جو گهڻ) "سونهي ساهه. تَلاهه سين تُلڪي. سر موتين مڙهايا‌س" (شيخ ابراهيم).

• **تَلاءِ** ج **تَلاءَ تَلاوَ**: ڏ. [ف. تَلاب] تانگهي پائيءِ جي ڪڍ. تالاب – حوض.

• **تَلْبِيس**: ٿ. [ع] باهريون لباس ڪرڻ. ارادن کي لڪائڻ. بهروپ. ڏوڪو – مڪر – فريب – دغا.

• **تَلْخ**: صفت. [ف] ڪوڙو. کساروِ. کارو. بد ذائقي. تيز (شراب وغيره). ڪهرو – تيکو – اثرٽندڙ – رُکو (ڳالهائ). ڏکيو – تڪليف وارو – رنج رسائيندڙ (تجربو).

– **تَلْخاڻ**: ٿ. ڪڙائي – ڪڙاڻ. ڪاراڻ. تيکاڻ. تيزي (ڳالهائڻ ۾). رکائي. سختي – ترشي.

– **تَلْخ تَجربو**: ڏ. تڪليف ڏيندڙ ڪم – ڪٽن ڪم.

– **تَلْخ ڪامي**: ٿ. ناڪاميابي – ناڪامي – نامرادي. نااميدي – نراسائي.

– **تَلْخ گو**: ڏ. صفت. ڪهرو ڳالهائيندڙ. اڻنگو ڳالهائيندڙ. تيز مزاج. چيڙاڪ

– **تَلْخ مِزاج**: ڏ. صفت. تيز مزاج. چيڙاڪ – شوخ. بدمزاج.

– **تَلْخي** ج **تَلْخيُونْ**: ٿ. ڪڙاڻ – ڪڙائي. تيزي. ڪاراڻ – تَلْخاڻ.

• **تَلْخيص**: ٿ. [ع] خلاصو – اختصار – ٿٽ. حاصل مطلب.

• **تَلَذُذ**: ڏ. [ع. لذ = ميلو يا خوشگوار رهڻ] لذت – مزو – لطف.

• **تَلَرُ (ت)**: ڏ. گاهه جو هڪ قسم (جو وارياسي پٽ ۾ ٿئي. جويايو مال وغيره کوڻ ڪائيس).

• **تَلْسي**: ڏ. [سن.] ٻوٽي جو هڪ قسم (خوشبودار ٿئي. جنهن کي هندو سڳورو ٻوٽو سمجهن ۽ پائنئين ته 'تلسي ديوي' جي وارن مان پيدا ٿيو آهي. تلسي جو ٻج پساريءِ وڪرطور ڪم اچي) – Basil (انگ) – Ocymum sanctum. ڪٿي مهيني جون ٽي تاريخون (۱۰، ۱۱ ۽ ۱۲ جن تي هندو ورت رکندا آهن). (اسم خاص) مرد جو نالو – 'تلسيداس' جو مخفف.

• **تَلْسيداس**: اسم خاص. هنديءِ جي هڪ مشهور شاعر جو نالو (جو 'همايون' جي وقت ۾ جائر ۽ جهانگير جي وقت ۾ مري ويو. سندس جوڙيل 'رامائڻ' هندي شاعريءِ ۾ هڪ شاهڪار آهي. سندس ڪي ڏوهيڙا 'شاهه جي رسالي' ۾ سُر 'برووِ هندي' هيٺ ڏنل آهن ۽ پڻ سندس ۾ وڌيءِ عمر وارن سڳهڻ ڪي ياد آهن).

• **تِلْشكري**: ٿ. مٺائيءِ جو هڪ قسم (جا ترن مان ناهجي) – ترن ۽ مٺاڻ (گڙ يا کنڊ) جي ٺهي.

• **تَلْطُف**: ڏ. [ع. لَطَف > تَلَطُفَ] لطف – مهر – ڪرم – عنايت. باجهه – رحم. نرمي. همدردي.

• **تَلَف**: صفت. ظرف. [ع. تَلَفَ = بربادي] برباد – تباهه – نابود – ناس – ڇت – قتل – اُجڙ – ويران – ضايع – گنوايل. بربادي‌ءِ جي حالت.

– **تَلَف تاراج ڪرڻ**: ناس ڪرڻ – ڇت ڪرڻ – برباد ڪرڻ.

– **تَلَف ڏيڻ (ت)**: تبايل لوهه کي سنداڻ تي رکي ريکري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڏڪ هڻڻ – ٽيڻ.

– **تَلَف ڪرڻ**: برباد ڪرڻ – ناس ڪرڻ – نابود ڪرڻ. وجائڻ – فنائڻ.

• **تَلَفُظ**: ڏ. [ع. لَفَظَ. لَفظ = وات مان اچلائڻ] اُچار. اکرن ۽ لفظن جو

زبان سان صحيح مخرج.

• **تَلْقِينَ**: ث. [ع. لَقْنَ. تَلْقِين = ٻئي کي سمجهائڻ] سکيا - تربيت - هدايت - نصيحت. مرشد جي مريد کي سمجهائي يا هدايت. جنازي کي قبر ۾ داخل ڪرڻ وقت. مُردي کي قبر جي پڇائي بابت ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ.

- **تلقين ڏيڻ**: مرشد جو مريد کي ذڪر ڏيڻ. نيڪي بابت نصيحت ڪرڻ.
- **تلقين ڪرڻ**: هدايت ڪرڻ. نصيحت ڪرڻ تعليم ڏيڻ.

• **تِلْڪ**، **تِلِڪ** ج **تِلْڪَ**: ذ. [ـ ن. تِلَڪَ] نڪ جي مٿان پُرن جي وچ ۾ يا مٿي نراڙ تي ڪيل نشان (جو شادي. تاجپوشي يا ٻيءَ ڪنهن رسم ٻڌا آٿڻ. يا سينگار خاطر ڪيو وڃي) - سينڌر يا چندن جو ٽڪو. هندن ۾ ڪنهن نشان. جانور کي قاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو (ک).

• **تلک**: ظرف. تائين.

• **تِلْڪارَ**: ث. اَڻ تڻ - جهوري - ڪُٽڻي.

• **تِلْڪاري (لس)**: ث. تَڻ - چِڪ. ڪاوڙ. مُنهن سُوڙائي.

• **تِلْڪِڙي** ج **تِلْڪِڙيُون**: ث. هيري جو پَڪ - هيري جو چمڪندڙ ڦهلُو.

• **تِلْڪوڙي** ج **تِلْڪوڙيُون**: ث. جڙ تو سائو نشان (جو مَنهن. هٿن ۽ پاڻهن تي سينگار يا سجاڀ خاطر ڪيو وڃي).

• **تِلْڪَڻ** (ث): مصدر. سيڪڻ.

• **تُلُمُلَ**: صفت. برابر - مٽو مٽ - هڪجهڙو.

• **تِلْمِيح**: ث. [ع] شعر ۾ ڪنهن آيت. حديث. حڪايت. ڳالهه. قصي يا مشهور واقعي طرف اشارو.

• **تِلْمِيذَ**: ذ. [ع] شاگرد - طالب علم - متعلم.

• **تِلَنْگ**: ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **تِلَنْگو**: ذ. تِلَنْگانا (مدراس جي اترئين پاڳي) جو رهاڪو. (ڪنايۃً) ديسي سپاهي (جاڪاڻ ته انگريزي فوج ۾ اوائلي اهي ماڻهو پرتي ٽيا هٿا).

• **تَلو**: ذ. [سن. تَلّ = ٽرو] ٽَرُ - ٽرو. ذخيرو. قبضو. ڇپر (ت). (اسم خاص) تعلقي ڏيهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- **تلو ڪرڻ**: ٽَرُ ڪرڻ. ملڪيت گڏ ڪرڻ. ڳجهه ڳوهه ۾ پئسا گڏ ڪرڻ.

• **تِلوج تِلا**: ذ. بازدارن جو لفظ. باز جي ٻَٽ تي رنگ وارا ٽڪا.

• **تِلوج تِلڪا (لس)**: ذ. نراڙ تي لتڪائڻ جو هڪ ڳُهه.

• **تُلْوارَ** ج **تُلْوارُون**: ث. [سن. تَرْوارِ] هڪ مشهور هٿيار جو نالو - تَرار - شمشير - سيف - سرواهي.

- **تُلْوار ڪَٽ**: ث. مُڇن جي سنوارت جو هڪ نمونو (جنهن ۾ مُڇن جون نوڪون تلوارن وانگر ڇهنبدار ٻيهن).

- **تُلْوار کي گهُٽا لڳڻ**: بي طاقت ٿيڻ. زور وارا ڏينهن لنگهي وڃڻ.

• **تُلْوارِي**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾).

• **تُلُورِ** ج **تُلُورِيُون**: ث. [ف. تَذَرَوْ] پکيءَ جو هڪ قسم (ڊيل جي نمونو هڪ وڏو ۽ سهڻو. خاڪي يا ميرانجهڙي رنگ جو ڊگهي ڳچيءَ وارو حلال پکي. جو اڪثر سياري ۾ سنڌ ۾ اچي. ۽ جنهن جو ماڻهو شوق سان شڪار ڪن. اصل ايراني جهنگلي ڪڪڙ) - Bustard.

• **تِلوڪڙي**: ث. هڪ قسم جو ڳهه. ڏسو "تِلڪڙي".

• **تَلُونَ**: ذ. [ع. لَوْن (رنگ) > تَلَوُن] رنگ بدلائڻ جي حالت. رنگن جي تبديلي.

- **تَلُون مِزاج**: ذ. صفت. ڏنگا رنگ طبيعت وارو. قرندڙ گهرندڙ طبيعت وارو. غير مستقل مزاج. بي پروسي. بيوفا.

• **تَلُوٽو** ج **تَلُوٽا**: ذ. ترپل چٽو. پُڳل چٽو يا مڱ. رڌل چٽو يا متر - ڪَهَر (جمع ۾ "تَلُوٽا" زياده استعمال ۾. مثلاً گهورڙئي جو هوڪو "ڪوسا تلوٽا").

• **تَلْهارَ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَلْهار**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَلْهار**: اسم خاص. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ شهر.

• **تَلْهائِي**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَلْهائِي**: ث. سلامتي. ضمانت. سوگهائي.

• **تَلْهُرَ** ج **تَلْهُرَ** (ک): ذ. چڪر - ڦيرو. بي آرامي.

• **تَلْهُرُ** ج **تَلْهُرَ**: ذ. سنهون لڪڻ - ڇمڪ - ڇهه.

• **تَلْهُو**: ذ. [تَلو (= ترو. تر ڪري رکيل ملڪيت) > تلهو] تر ڪري رکيل ملڪيت. لڪل ملڪيت - ڳجهي ملڪيت. پوريل خزانو - لڪل خزانو. (اڪثر "اَلهو" سان گڏ ايندڙ لفظ "اَلهو تَلهو").

• **تَلهِي ج تَلهِيون**: ث. [سن. تَلّ = ترو] خزاني ڪڍ. سپ جو پڙ. سپ جو وات (جنهن مان سنها موتي هارجن). سڄي ڪوڏي. پٽ پڳل ڪوڏي.

• **تَلهِي**: ث. گروي رکيل شيءِ. ضمانت - ضامنگيريءَ جي ذميداري. (صفت) ضامن. حامي - مددگار.

- **تَلهِيدار**: ذ. صفت. مددگار - حمايتي. پاسو ڪندڙ - طرفدار.

• **تَلْهِيرو**، **تَلْهِيرُو**: ذ. صفت. [هـ تَلهُرُو = زيردست] جنهن جو ضامن ٻڌجي. جنهن جي مدد ڪجي. ڪاڻيارو. فرمانبردار. هٿ هيٺ.

• **تَلِي**: اسم خاص. ميرواهه. ميرپور ساڪري. تندي محمد خان. بدين ۽ محبت ديري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **تَلِي ج تَلِيُون**: ث. [سن. تَلّ = ترو] تَر واري زمين. هيٺاهين -

نشيب – نوڙ (ل) – جهڙ. هن ٽڪرين جي وچ واري زمين – ماڙي – وادي. ڳاڙهي. هن پٽڻ جي وچ واري زمين (جنهن ۾ برسات جو پاڻي بيهي ۽ پوک ۽ ٽي سگهي) – ڏهر' جي ٽري واري زمين. "ميها. موگر ٽلين. پٻون پاسازن" (خليفو نبي بخش). چَن.

• **تلي:** اسم خاص. جاتي ۽ سڪرندڙ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **تلي ج تليُون:** مث [ع. طحال] جسر جي عضوي جو نالو – تري – رَتڙي – ڦهي (ت). ڦهي جو مرض – هيانُجو. هٿ يا پير جي تري (سرائڪي). زبان (ث). گهڻ جو هڪ قسم – ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو هڪ گهڻ – لڪڙي.

– **تلي لڳائڻ (ث):** زبان تي رکڻ – چکڻ.

• **تليار:** ذ. لوڪندڙ ڏاڳن ۽ ٽوئرن وارو ڳانو. جهاپو (اُٺ جي اُرهه جو).

• **تليڏي ج تليڏيون:** ث. مٺائيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو ترو ٻڌل هجي) – چَٽڻ مان ٺهيل مٺائي. ڳُڑڏاڻي (چٽڻ جي). پکي مٺائي. ٽيپ (ل).

• **تليجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (رياست ۾).

• **تليدو ج تليڏا:** ذ. صفت. تلهيتو – تلهيرو. زيردست. هٿ ٺوڪيو. زير احسان.

• **تليور:** ذ. تلوارون (پيرن جي گولائي) "تڪا تليورنين نہ، وڏ آهوٽان عين عجيب جا" (جلال ڪني).

• **تليهَرَ ج تليهَرَ:** ذ. [تل = ڪاراڻ + هر = وارو] ڪارو نانگ – واسينگ.

• **تَم:** ث. [سن. تَمَس] اوندهه – ڪاراڻ. رات.

• **تَمُ:** ضمير. [هـ اردو. تُم] تون. توهين.

– **تَمُهارو:** صفت. [اردو. تُمهارا] اوهان جو – توهان جو.

• **تَمّ:** ظرف. [ع] ختم – پورو. ڪُل – سڀ – سمورو – سارو. مڪمل – سالم – ثابت.

– **تَمّ ٿيڻ:** ختم ٿيڻ – پورو ٿيڻ – تمام ٿيڻ "ساهه تَمّ ٿيڻ" (= ساهه گهٽجڻ = دم هرلي وڃڻ).

• **تُمَ ج تُمَ:** ذ. ڦيٽي جي وچ واري حصو (جنهن ۾ 'ڏري' ۽ 'آرا' پون). هُرلي جي ويڙهي. سُڪل ڪدو. (صفت) ڦوڪيل – پريل – پريور.

– **تُم تُمَ:** تُم ۾ آرن لاءِ سل ڪيڻ. خال پرڻ.

• **تماچائي:** اسم خاص. تعلقي سڪرٽ هڪ ديهه جو نالو. (صفت) 'تماچي' جي پيڙهيءَ مان – تماچي جي اولاد مان (سمات جي پاڙن جو نالو).

• **تماچو ج تماچا:** ذ. [ف. تپانچه] چمات – ٽپاٽ – ٽمڙ. [ف. تَمَنچه] تپاچو – پستول.

• **تَماچي:** اسم خاص. 'سمه' گهراڻي جي مشهور بادشاهه "سلطان رڪن الدين شاهه جام تماچي" (جنهن غالباً سنه ۷۹۱هـ ڪان ۷۹۵هـ تائين خود مختيار حڪومت ڪئي. 'تُوري' سان سندس محبت جو داستان مشهور آهي. مڪليءَ تي 'شاهي مقام' تائين ڪيائين. جتي ٽي پاڻ مدفون آهي). مرد جو نالو (سمات توڙي بلوچ قومن ۾). هڪ سمه پاڙي جو نالو.

• **تمارو:** ضمير. تنهنجو.

• **تمارت:** ث. [ع] گرمي. گرمي جي تپش.

• **تماشو ج تَماشا:** ذ. [ع. مشيُ = گهمڻ. تَماشيا = گڏ گهمڻ > ف. تَماشا] نظارو – ڏيکاءُ – ديدار. عجيب شيءِ يا نظارو. نمايش. ڪل خوشي – رؤنشو. ميڙ – هجوم. سانگ. نانڪ. کيل – ڪرتب.

– **تَماشائي ج تَماشائي:** صفت. تماشو ڏسندڙ. تماشو ڏيکارينڊڙ – تماشي وارو. وندر جو ڪوڏيو.

– **تَماشبينَ ج تَماشبينَ:** صفت. [ف. تماشابين = تماشا + بين (= ڏسندڙ)] تماشو ڏسندڙ – تماشائي. رنگ ڏسندڙ. ٻن کي ويڙهائي رنگ ڏسندڙ. فقط رنگ ڏسندڙ (جنهن کي انهيءَ ڪم. رٽا يا تحريڪ سان ڪاب دلچسپي يا همدردي نہ هجي).

– **تَماشگاهُ ج تماشگاهُ:** ذ. جنهن هنڌ تماشو ٿئي. کيل يا ڪرتب واري جاءِ.

– **تَماشو ڏيکارڻ:** کيل ڏيکارڻ. ڪرتب ڏيکارڻ. (اصطلاحاً) ڪنهن کي سزا ڏيڻ – مزو چکائڻ – سيکٽ ڏيڻ.

– **تَماشو ڪرڻ:** کيل ڏيکارڻ. کيل يا ڪرتب ڏيکاري ڏاڍو لطف پيدا ڪرڻ. سانگ ڪرڻ.

– **تَماشي جهڙو:** ذ. صفت. ڏسڻ ۾ عجيب. نهايت وندرائيندڙ.

• **تماکُ ج تماکُ:** ذ. [هـ تماکُ. تَماکو. ف. تُماکو. آمريڪي انڊين Tobaco: پورچوگيز Tobacco] ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا سُڪايل پن ۽ ڪائيون نشيدار دونهون ڏين. اُهي پن ڪُٽي حقي. چلم. سلفي. ٻيڙين يا سگريٽن ذريعي چڪجن يا ناس طور استعمال ٿين).

– **تماکي ج تماکي:** صفت. تماک وڪڻندڙ. گهٽو تماک پيئندڙ. (ذ) تماک جو فصل.

• **تمام:** صفت. [ع. تَمّ (= پورو ٿيڻ) > تمام] سڀ – سارو – سموروـ ڪُل – سجو. پورو – تيار. مڪمل. ختم – پورو – بس. فنا – نيست – نابود. (ظرف) بلڪل – ڏاڍو. گهٽو – بيحد.

– **تمام ٿيڻ:** پورو ٿيڻ – ختم ٿيڻ.

– **تمام ٽي وڃڻ:** ختم ٽي وڃڻ. هيٺو ٽي وڃڻ – ڇڪي وڃڻ.

• **تمام شد:** محاورو. ختم ٿيو – پورو ٽيو (ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکڻ جا لفظ).

– **تمام کرڻ:** ختم کرڻ. راس کرڻ – پورو کرڻ. مات کرڻ.
– **تماميت:** ث. پورائي – تڪميل. پڇائي. آخر.
– **تماهي:** ث. پڇاڙيءَ جي حالت. خاتمو.
• **تمان:** ذ. ٿ. ڏسو "تومان".
• **تمت:** ث. [ع. تمر = ختم ٿيڻ] خاتمو – پڇاڙي.
• **تمت بالخير:** ث. خيرسان خاتمو ٿيو (ڪتاب جي آخر ۾ لکڻ جا لفظ).
• **تَمَتُّع:** ذ. [ع. متّعَ > تَمَتَّعَ] فائدو – نفعو. خوشي.
• **تَمْثِيل ج تَمْثِيلُون:** ث. [ع. مِثلٌ = وانگر] مثال – تشبيهه. نمونو – نظير. نقل.
– **تَمْثِيلي:** صفت. جي نموني تي – مثالي.
• **تَمَدُّن:** ذ. [مَدَن = شهر ۾ رهڻ] ملي رهڻ جو طريقو – طرز معاشرت – شهري سڌريل زندگيءَ جو طرز عمل – معاشرتي ۽ انتظامي زندگي. شهر جو انتظام.
• **تَمَر:** ث. [ع] کجور – کارڪ – ڪتل (اسم خاص) پٽائي صاحب جي وڏي راڳائي خليفي جو نالو (جو چون ٿا تہ مديني شريف ۾ ڪجيءَ هيٺ جائو. انهيءَ ڪري مٺس 'تمر' نالو رکيائون. تمر فقير 'شاهه جي راڳ' جو بهريون مُک قابل اڳوان' شاهه جي بيتن جو وڏو راوي. ۽ پاڻ سالڪ شاعر هو.)
– **تَمْرائي:** اسم خاص. تمر فقير راڳائي جا پويان جاءِ نشين. تمر فقير جي اوتاري جا سنپالينڌڙ.
• **تِمِر:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جو سمنڊ جي ڪناري واري ايراضي ۾ گهڻو اُپرو. جنهن جا بن ڇوپايو مال. خاص طرح اُٺ گهڻو کائي). سامونڊي پٽر – منگروِل (ڪ).
• **تمرهندي:** ث. گدامڙي – آمري.
• **تَمَس:** ث. [سن] اونداهي رات "تڪي. ٿهاري. نامني. ٽمڙ. ٽام. تَمَس" (ڏهسنامي جي تڪ).
• **تَمَسْخُر:** ذ. [ع. سَخَر = ٺٺولي ڪرڻ] مسخري – ٺٺول – ڪِلّ – چَٽر.
• **تَمَسُّک ج تَمَسُّکات:** ذ. [ع. مَسَکَ = مضبوط جهلڻ] مضبوطي. هُنديءَ – پراميزري نوٽ.
• **تَمْغو ج تُمَغا:** [ترڪي. تَمْغَهْ] سلطاني مهر. سون يا چانديءَ جو بلو (جو ڪنهن نمايان ڪارنامي يا خدمت سبب ڪنهن کي انعام طور ڏنو وڃي). سَنَد. نشان.
• **تَمَڪ:** ث. تيزي – تِکائي.
– **تمڪ سان:** ظرف. تيزيءَ سان – تِکو.
• **تمڪنت:** ث. [ع] وڏائي – گهمنڊ – هٺ – غرور – فخر. طاقت – قوت – زور. اختيار. شان – شوڪت – دٻدٻو.
• **تُمَنُ ج تُمَنَ:** ذ. [ف. تَمَن = ڏهه هزار: تومن = هڪ سؤ ڳوٺن تي مشتمل اراضي] چانورئيءَ ۾ رهندڙ فوج – لشڪر. بلوچ قبيلي يا قبيلن جي ڪافي وڏي برادري. جن ۾ رسم و رواج توڙي سردار ساڳيو ڪلهوڙي جو تمن "مزاري جو تمن". اها جغرافيائي اراضي جنهن تي هڪ وڏو بلوچ قبيلو ۽ ان سان شريڪ ٻيا ننڍا قبيلا آباد هجن. راج. گهڻي برادري (ت). سرداري (ت). ماڻهن جو انبوهه – خلق جو وڏو تعداد. ڪجهيءَ طرح (ڪپڙي جي پلاڻ. هيٺ) واپار جي نرخ بندي (ڪنهن به بن ماڻهن جي وچ ۾ سودو ٺاهيندڙ. سودي ٺاهڻ وقت ڪپڙي هيٺان آڱرين جي اشاري ڏيڻ سان ٻڌائيندو آهي: اهو عدد ويهن جي بدران هڪ اڳر جي نشان سان ظاهر ڪيو ويندو آهي). ايراني سڪو.
– **تُمَندار:** ذ. صفت. سالار – سردار. گهڻيءَ برادريءَ وارو. طاقتوارو – زور وارو.
• **تَمَنّا ج تَمَنّائُون:** ث. [ع. مُنْيَةٌ = خواهش] خواهش – سڌ – آرزو. ارادو – مرضي. سڪ.
• **تَمَنْجو ج تَمَنْجا:** ذ. [ف. تَمَنْجَهْ] تپاجو.
• **تَمُوگُ:** ذ. ڪاوڙ – جڙ – ڏمر – غصو.
– **تَمُوگُني:** ذ. صفت. خراب ڳڻن وارو – بداخلاق. ڪاوڙيل – ڏمريل. (ث) بدتميزي – بداخلاقي.
• **تمول:** ذ. [ع. مول = اميرٿيڻ] دولتمندي – شاهوڪاري – اميري.
• **تمهر:** ث. رات. ڪاري رات "تمهر روپ ترنگ، آهن ڪنول ڪيس قريب جا" (جلال ڪتي)
• **تَمْهِيدَ ج تَمْهِيدُون:** ث. [ع. مَهَدَ = برابر ڪيڻ > مَهَدَ. تَمْهِيدَ = ڪم سنوارڻ. آسان بنائڻ] ڪنهن ڳالهه يا مقصد کي آسان بنائڻ خاطر شروعاتي سمجهاڻي. ڏيباچو – مُهاڳ – مَنڊ. شروعات. ابتدا. تمهيد – پڌڻ.
• **تمهيد پڌڻ:** شروعات ڪرڻ – آغاز ڪرڻ. ڪو ڪم يا مقصد پڌائڻ کان اڳ ان سان لاڳاپيل پهرن ڳالهيون ڪري متوجهه ڪرڻ.
• **تَمِيْ ج تَمِيُون:** ث. [تَمْبِي > تَمِي] سڪل ڪدو.
• **تُمِياڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **تَمِيْزَ ج تَمِيْزُون:** ث. [ع. مَيَزَ. تَمْيِيْز (جدا ڪرڻ. پرکڻ > تَمِيْز] سڃاڻپ (ڪري ۽ ڪرائي جي) – شناخت. فرق – تفاوت – امتياز. عقل – ڏاهپ. هوش. قاعدو. ادب. سڃاڻ.
– **تَمِيْز سِکڻ:** ادب سکڻ. فضيلت سکڻ.

– **تمیز کرڻ:** پرک کرڻ. سڃاڻ کرڻ. هوش کرڻ.

• **تَن:** ضمير [سن. تي: پرا. تان] اُنهن.

• **تَنُ ج تَنَ:** ذ. [سن. تَنْ: ف. تَنْ] بدن – جسم – سرير – بت. ديهه – قالب.

• **تن آسان:** صفت. آرام پسند – آرام جو طالبو.

• **تن آسانيءِ:** ث. آرام – آسائش – سک.

• **تن بَدن:** ذ. سڄو جسر.

– **تَن بيتاب هڻڻ:** غم ۽ فکر ۾ گذارڻ. هر وقت بي آرامي هجڻ. ڏاڍي غم ۽ فکر ۾ گرفتار هڻڻ.

– **تَن تارڻ:** اندر اجارڻ – دل روشن کرڻ.

– **تَن تنها:** ذ. صفت. [ف] اڪيلو – ڇڙو – هڪڙو. عليحده – جدا.

– **تَن پرور:** ذ. صفت. [ف] فقط پنهنجي تن کي پالينڌڙ. آرام طلب.

– **تَن پروريءِ:** ث. [ف] جسر جي پالنا. آرام طلبي. آسايش.

– **تَن دُکي:** ث. [ف. تن + دُهي > دادن = ڏيڻ] جانفشاني – محنت. تکليف ڪوشش – سعيو.

• **تن ڍڪڻ:** رواجي ڪپڙا پائڻ – فقط ستر پوشي جي خيال سان ڪپڙا پائڻ.

– **تنکي تسيو ڏيڻ:** بدن کي تکليف ڏيڻ. جيءَ کي جفا ڏيڻ.

– **تَن مَن:** ذ. جسر ۽ جان – دل جان – جند جان.

– **تَن مَن تازو کرڻ:** جسر ۽ جان کي فرحت ڏيڻ. آرام ونڊ. خوشي کرڻ.

– **تَن مَن تياڳي ڏيڻ:** بلڪل بيزار کرڻ.

– **تَن مَن مارڻ:** جسر ۽ نفس کي نماڻو. خواهش کي ضابطي هيٺ آڻڻ. تن وتوش.

• **تن و توش:** ذ. ٽولهه ۽ طاقت. قد بت ۽ سگهه.

• **تَنِ، تَنُ:** مث. ذ [سن. تَنْدَ < تَنْ = خال پرڻ] تنگ – سوراخ. ڪنهن ٿانءِ خصوصاً ڪوندري جو سوراخ (جنهن مان پاڻي نڪري) – ٽُنرو. حقي يا چلم ۾ نڙ وڇڻ جو سوراخ. ٻيڙيءِ جو سوراخ (جنهن مان پاڻي اندر اچي). ڪپڙي جو سوراخ. پرت جو هڪ قسر (ث). [ف. تَنِيدَنْ = آڻڻ – تَنْ] ڪپڙي جي سوراخ بند کرڻ لاءِ ڳوڙيل ڪائي.

– **تَنائي ج تَنائِيُون:** مث. تَن پراڻي – آڻائي.

– **تَن پرڻ:** خال پرڻ. (ڪپڙي کي) رفو کرڻ – بورَ پرڻ.

– **تن وهڻ:** تنگ وهڻ. دست وهڻ.

• **تنابَ ج تنابُنْ:** ڏسو "طناب".

• **تَنازُع:** ذ. [ع. نَزَعَ > تَنازَعَ (ف) = اختلاف کرڻ. معاملو کرڻ] چڪتاڻ. معاملو – تڪرار.

• **تَناسُب:** ذ. [ع. نَسَبَ > تَناسَبَ = ملي اچڻ. ٺهي اچڻ] مناسب. مشابهت. برابري. موافقت.

• **تَناسُخ:** ذ. [ع] مرڻ بعد روح جو ٻئي قالب ۾ اچڻ جي حالت (ڪن آڳاڻن مذهبن جي عقيدي موجب. روح جو ڪيل عملن مطابق مرڻ کان پوءِ ٻئي جسر ۾ اچڻ جي حالت). مرڻ ۽ جيئڻ جو چڪر – آواگَوَن. حلول.

• **تَناسُرو:** ذ. [سن. تناشرِ = مغز. ميجالو. جوهر] جوهر. ڪوٻ آلو ستُ. روغن يا تيل. ڪنهن به ڏاتوءِ جو آلو جوهر. سڪل ميڪ يا وڻ جا ڇانڻ ۾ سڪائجي. ماکيءِ جو جوهر. زنبوري شڪر. مصريءِ جو جوهر. ڪنڊ جو هڪ قسر (جا دوا طور ڪم اچي).

– **تَناسُرِي لَرِيل:** ذ. صفت. خشڪ دماغ. حواس باخته.

• **تَناسُل:** ذ. [ع] نسل پيدا کرڻ. پيڙهياتي پُري – مسلسل پُري.

• **تِنانْ (ث):** ضمير. توکي. اوهان کي.

• **تَناوُر:** صفت. ٽلهو – موٽو. مضبوط. طاقتور – سگهارو.

• **تَناوُل:** ذ. [ع] کاڌو ڪائڻ – نوش – خورد. حصول – قبولي.

– **تناول کرڻ:** کاڌو ڪائڻ – نوش کرڻ. تناور.

• **تَنايا:** ذ. [ع. ثَنايا] اڳي ۽ سامهان مٿيان ۽ هيٺيان ڏند جي ٻار کي ٻهرپائين نڪرن.

• **تُنبا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ نوابشاهه ضلعن ۾).

• **تُنباڙڻ:** مص. ر. [ف. تُنبِيدَن = اڻڻ. ڪتڻ. ڦٽي ڏيڻ. سنوارڻ (واڻ)] تُنبڻ – پڇڻ. ڪهڻ يا اَڻ ڪي ذرا ذرا ڪرڻ (صاف ڪرڻ لاءِ). سنڀڻ – ڪُتڻ – مار ڏيڻ – ڪنڇڻ.

• **تُنبان:** ث. تمام ويڪري سلوار.

• **تُنبِرائي:** اسر خاص. سنڌ جي مسلمانن جي ذات ۽ پاڙن جو نالو.

• **تُنبِرِيو ج تُنبِرِيا:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو تنبي تي پلاماري.

• **تُنبڙ:** ذ. ث. شڪاري پکيءِ جو هڪ قسر. باز جو هڪ قسر (لرزاڪ باز جي مادي. رنگ اڇو. ڪارجتو. ڇهنب ڏکهي ۽ ڪاري) – ريڳي. هڪ هلڪو شڪاري پکي (جو اڏامندي هڪ جاءِ تي ڪنپ هڻي ٻيهي تنبي، ۽ ڪوئن وغيره شڪار کي تاڙي پوءِ مٿان لٿو ڏئي) – ڪٺاماز.

• **تُنبڻ:** مصدر. [ف. تُنبِيدَنْ = ڏکڻ. لرزڻ] هيٺ مٿي ٽپڻ (هوا ۾). ڏنگڻ (ڪنهن نرم شيءِ جهڙوڪ ڪٽ وغيره تي) – ٽپڻ – ڪُڏڻ (احمق وهٽ جيان). جُرڻ پُرڻ – سڪ ڪري نه ٻيهڻ (ڏاهين يا پلي گهوڙي وانگر). قرن (باز جو پنهنجي شڪار مٿان). هوا ۾ قلابن يا هيٺ مٿي ٽپڻ (پکيءِ وانگر. جوش ۾ اچڻ. ڪاوڙجڻ. (تنبيو – تنبيندو – تنبيل).

• **تَنبَهْ:** مصدر. [فـ تَنبِيدَن = اڻڻ. كتڻ. ڦٽي ڏيڻ] ذرا ذرا ڪري صاف ڪرڻ (ڪپهه يا اَنَ ڪي) – بجڻ. پرڻ (ڪپهه) – گهُجڻ. ڪوهڙ – ڪوندڻ. ڪَندڻ – ستڻ (سنهن ڇهن يا ڇڙهن سان). مار ڏيڻ – پِڇ ڪيڻ. (تَنبيو – تنبيندو – تَنبيل).

– **تَنبَ:** ث. ڪپهه ڪي بجڻ جي حالت – پِڇ. گهُڇ – قَس. ستَ – ڪتَ.

– **تَنبَ تَنبانْ لائڻ (ت):** پِڇ ڏيڻ – ست ستان لائڻ. هيسائڻ. تڪڙ لائڻ.

– **تَنبائڻْ:** مصدر. "تَنبڻ" مان متعدي بالواسطه. بجائڻ – ستائڻ.

– **تَنبِجَڻْ:** مصدر. "تنبڻ" مان فعل مجهول. بججڻ. ستجڻ. زور سان پرجڻ (ڪنهن خال جو. پيٽ جو).

– **تَنبو:** ذ. پجيل ڪپهه يا اَنَ جو ڍڳ.

– **تَنبي ڇڏڻ:** ڪپهه ڪي بجي صاف ڪري ڇڏڻ. ڪپهه گهُجي پري ڇڏڻ. ڏاڍي مار ڏيئي ڇڏڻ. جاگوري ڇڏڻ.

• **تَنبُو ج تَنبُوَ:** ذ. [ف] خيمي جو هڪ قسم. طنبو.

• **تَنبو ج تُنبا:** ذ. صفته. وڏي پيٽ وارو. قوڪيل. قيٽو – ٽلهو – نڪمو. (ذ) سُڪل ڪدو (جنهن تي پاڻيءَ ۾ ترجي يا جنهن مان يڪتارو وغيره ناهجي). ابرائون (ت).

– **تَنبُوبر ج تَنبُوبا:** ذ. صفته. ترڻ ۾ تَنبو استعمال ڪندڙ – تَنبي تي ترندڙ (مهاڻو وغيره).

• **تُنبُو:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ جو نالو.

• **تَنبُورَ ج تَنبُورَ:** ذ. [ع. طَنبُور: ف. تنبور = وڄائڻ جو ساز (سرندي مثل). دهل] تَنبورو. دنبورو.

• **تَنبُورو ج تَنبُورا:** ذ. [ع. طنبور: فـ تَنبُور: هـ. تَنبرا. تُمبرا] ساز جو هڪ قسم – دنبورو.

• **تَنبُوريُ ج تَنبُورِيُونْ:** ث. نندو تنبورو (سان) بلا جو هڪ قسم.

• **تَنبُول:** ذ. [هـ] پان.

• **تَنبِي ج تَنبِيُونْ:** ث. [سن. تُمبَ] نندو سُڪل ڪدو. ننڍ تَنبو. گهُڪهيءَ جي شڪل جهڙو سُڪل ڪدو جنهن جو مٿيون پاسو ڪليل ٿئي ۽ فقير اُن ۾ خيرات وٺن.

• **تَنبِيرَ ج تَنبِيرَ:** ذ. تنبي وارو ساز وڄائيندڙ. گائيندڙ ڳچي تند تنبير جي. ٻيا ڪوت ڪري" (شاهه: سورٺ) پٽ – پان.

• **تَنبِيهَ ج تَنبِيهُونْ:** ث. [ع. نَبه > تَنبِيهَ = چتاءِ ڏيڻ. آگاهه ڪرڻ] آگاهي – چتاءِ. فهمايش – چيتپ. تاڪيد. تڙڪو. ملامت.

– **تَنبِيهُ ڪرڻ:** فهمايش ڪرڻ. چيتپ – ملامت ڪرڻ.

• **تَنتَ ج تَنتَون:** ث. [هـ] تند. وار نلي.

• **تَنتاس (ث):** ث. انڪل – رمز – تجويز.

• **تَنتَرِيُ:** ذ. صفت. ٽوٽائي. پويو.

• **تَنتِرِيُ:** ذ. پڇ جو هڪ قسم – دوا ضور ڪر ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (مهريءَ جي دال وانگر داڻا. گاڙهاپر اچاڻ ڏي مائل). [ف. تملير: ع. سُماق. سُموقه].

• **تَنتَنْ (ث):** ذ. [هـ تَنت] ڏاڪو.

• **تَنتَنْ. تَنتَنجَنْ:** مصدر. [فـ تَنتَنجِيدَن. تُنتَنجِيدَن. چڪي ڇڏڻ. سوڙهو ڪرڻ] نندڙي بار جي تنگن پاڻهن کي سنئون ڪري ڪيڙي ٽڪر سان سوڙهو ڪري ڇڏڻ (جيئن بار جا عضوا سهڻا. سڏا ۽ سُڊول ٿين) – سوڙهو ڪري ڇڏڻ. چڪي ڇڏڻ. چڪ ۾ زور لڳائڻ. چڪي سڏو ڪرڻ. زور سان پرڻ. بار کي پٽن پاسي هوڪيءَ ۾ وجهي ڪٽڻ – هوڪين ۾ ڇڏڻ. چڪڻ – ڪشڻ. مار ڏيڻ – پِڇ ڪيڻ.

– **تَنتَنج. تَنتَنج:** ث. [ف. تَنتَنج. تَنتَنجِ = وَتڻ. چِڪ. دب] چڪ. ڪش – زور. ٽَل.

– **تَنتَنجائڻْ:** مصدر. "تنتنجڻ" مان فعل متعدي بالواسطه. تنتجڻي ۾ ويڙهائڻ (بار کي). سزا ڏيارڻ. سيکت ڏيارڻ. پِڇ ڪيارڻ.

– **تَنتَنج ڏيڻ:** چڪ ڏيڻ – ڪنج ڏيڻ. مار ڏيڻ.

– **تَنتَنجي ڇڏڻ:** مار ڏيئي پِڇي ڇڏڻ – جاگوري ڇڏڻ.

• **تَنتَنجَنْ. تَنتَنجو:** ذ. اهو ڪپڙو جنهن سان نندڙي بار کي ويڙهي بڌجي – هاروتو – بَڌڻ.

• **تَنتو ج تَنتا:** ذ. [سن. تَنتُ] رسو جنهن ۾ ٻاکرا قر بڌجن "بڌا ٿور تنجن ۾. ڇيلا ڪين ڇڏن" (سرائي). اهو ڏاڪو جنهن ۾ سُت جا ديرا پوئجن.

• **تَنتواڻي:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جو پاڙو.

• **تَنتِي. تِنتِي:** ث. [فـ تَنتِ. تِنتِ = وَتڻ. چِڪ. دب] ڪت جي واڻ ۽ واڌڻ جي وڃ واري ڪاني (چڪي جهلڻ لاءِ): ـ پائڻ جي ڪاني (ل). واڻ ۽ لت جي وڃ واري واڌڻ – چِنڊِي. ضعيفي – ڏهرائي.

• **تَنتِيرُو ج تَنتِيرُوا (ل):** ذ. ضعيف – اَپرو – ڏهرو – ڪمزور.

• **تَنتِيمْ:** ث. [ع] تارن جي اپياس جو علم. تارن ۽ نڪتن مان واقعن بابت ڪٿ ڪرڻ – نجومت.

• **تَنخواهَ ج تَنخواهُونْ:** ث. [فـ تنخواه = زمين جي سنيال لاءِ مقرري. خزاني مان وظيفي وٺڻ جو حڪمنامون] نوڪري يا خدمت جي عوض مهيني جي مقرر رقم – پگهار.

– **تَنخواهِ دارْ ج تنخواهِ دارَ:** صفت. پگهاردار. مهيني دار. نوڪر.

– **تَنخواهِ داريُ ج تنخواهِ داريُونْ:** ث. ماهياني نوڪري. مهيني داري. نوڪري.

• **تَنْدَ، تَنْدِ، تَنْدُ ج تَنْدُوْنْ:** ث. [سن. تَنْتَ] سنهڙو ڏاڳو (ڪپهه، اُنَ، ريشم وغيره جو). سنهڙي تار (لوهه، سون يا ٻئي ڪنهن ڌاتوءِ جي). ڏنبوري، سرندي، يڪتاري وغيره ساز جي تار "ترتان تند نياز ان، هرائي بيجل" (شاهه). ڪوريئڙي جي تار. اها تند جنهن تي مٿان رنگين ڏاڳو مڑهيل هجي ۽ پرت جي چوڌاري ٽنهن بندي لاءِ ڪم اچي — تندور. نوڙي (جنهن ۾ ٻاڪرا ڦر ٻڌجن) — تنجو — تندو (ڪ) — (هڪ اڪيلي تار) جي مناسبت سان) چورو چنو — اڪيلو پٽ "هڪ تند آهي". محبت جي تار "تندون جي طلب جون، وحدت سر وجن" (شاهه).

– **تند ڏائڻ:** تند چڪڻ. قصو وڌائڻ — ڳالهه هلائڻ.

– **تَنْد تُنْوارڻ:** تند وجائڻ. دل ۾ ياد ڪرڻ — هر گهڙيءِ نالو ونڊڻ.

• **تندتوار:** ث. هر دم يادگيري.

– **تَنْدرُ ج تُنْدرَ:** ذ. صفت. تندن وارو.

– **تند سار:** ڪورين جي اصطلاح ۾ چنل تند کي هلندي ڪم ۾ ڪڍي وڃي آئارت ۾ داخل ڪرڻ.

– **تَنْد لاڻڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ به ڏاڳا پاڻ ۾ ملائڻ.

– **تند وجائڻ هڻڻ:** شاهه جي راڳ جي اصطلاح ۾. سُر جي شروعات ڪرڻ وقت. اول انهيءِ سُر کي دنبوري جي تند وجائي ادا ڪرڻ — دنبوري تي راڳ جي چيڙ ڪرڻ.

– **تَنْدُوْن ڌارُوْن:** ث. ڏاڳا ڏاڳا. ڇڙ وڇڙ ڏاڳا. ڳريل (ڪپڙو).

– **تَنْدون پائڻ:** چڪي هلائڻ (جيئن بازيگر بتلين کي چورندا آهن) — هٿ نات ڪرڻ.

• **تندر:** ث. ساهه جي رڳ.

• **تِند، تِنْدَ (ڪ):** ث. اهو رسو يا ڏاس جي نوڙي جنهن ۾ گهٽا ٻاڪرا ڦر ٻڌجن — تِندو، تَند.

• **تندر:** ث. [ف. توند] وڏيل پيٽ — وڏو پيٽ — ڍيڍ.

• **تُنْدُ ج تُنْدَ:** صفت. [ف] تيز — تکو. چسڻ سخت. شوخ — ڪاوڙيل. رُکو "هو تند طبيعت تکڙو. آهي خارج بدخصال" (جلال ڪتي).

– **تُنْد آبْرُو ٹيڻ:** گهنڊ وجهڻ — ڪاوڙ ڪرڻ "تُنْد ابرو نه ٽي مڻن مورثون" (فاضل شاهه).

– **تُنْدباد:** ذ. واڃوڙو.

– **تُنْدخُو:** ذ. صفت. شوخ طبع — تيز مزاج — چڙاڪ بدمزاج — رک منهون. تند رفتار.

• **تند رفتار:** صفت. تِکو — تيز (هلندڙ).

• **تند زبان:** صفت. تِکو ڳالهائيندڙ.

• **تند فهم:** صفت. جلدي سمجهي ويندڙ — سمجهو — تيز فهم.

– **تُنْدمِزاج:** ذ. صفت. چڙاڪ بدمزاج — تُندخو. مغرور — بيپرواهه.

– **تُنْد مزاجي:** ث. رکائي (طبيعت جي) بدمزاجي. شوخي. ڪاوڙ.

– **تُنْدي:** ث. تيزي — تکائي — جلدائي. ڪاوڙ. شوخي. تندار.

• **تُنْدُ رُست:** ذ. صفت. [ف. تُنْ + درست] چڱو پلو — نروير = صحتمند — سڳهو.

• **تُنْدُ رُستي:** ث. چڱيلائي — چاقائي — هٽ — سجائي.

• **تُنْدَ:** ث. نٽ ۾ سونيءِ تار جو ويڙهو (جو ٻن موتين ۽ وچين لعل کي هيڏانهن هوڏانهن رڙهڻ ڪان جهلي).

• **تُنْدرو ج تُنْدرا:** ذ. ساز جو هڪ قسم — هڪ تار وارو ساز — چَنگ.

– **تُنْدري واري تارَ هڻڻ:** ساڄي ڳالهه وري وري چوڻ. ساڳيو ڪم وري وري ڪرڻ.

• **تندار:** ث. گهاتي پٽڙي شيءِ جا تند وانگر لار ڪري وهي. اها ٻاٽيءَ جا (ڪپڙي تي) سڪڻ بعد ڏسجڻ ۾ اچي.

• **تُنْدُ** (ت): ذ. ساز جو هڪ قسم (جنهن جو ڏاڪڙ يا مُگر مان وانگر هڪ پاسو وڄي) — ڪَنْجري.

– **تُنْدُ وجائڻ:** ساڄي ڳالهه وري چوڻ.

• **تُنْدو ج تُنْدا:** تند. ٿلهو ڏاڳو. ڪجهه ڏاڳا گڏي ناهيل ٿلهي تُنْد — ڏورو. نوڙي رسو. ڏين، پيش يا ڏڙهن مان ٺهيل رسو (جنهن کي پيٽو وٽي مالهه ناهين) — نوڙ. رسي جو هڪ ڪَرُ. جمڙي جي تند.

– **تُنْدو ڏائڻ:** ڏيگهه ڪرڻ — ڳهيل ڪرڻ. انگهائڻ — وڌائڻ.

– **تُنْدو ٹيڻ:** بيماريءِ سبب تمام سُڪي وهڻ. ايرو ٽيڻ — ڏبرو ٽيڻ.

– **تُنْدو چنڻ:** لاڳاپو توڙڻ — تعلق چنڻ. دوستي توڙڻ.

– **تُنْدو سَڙڻ** (ت): آندو گرڻ. ضعيف ٽيڻ.

– **تُنْدو ڪيڻ:** رسي جي تندن کي وٽڻ.

• **تِنْدُن تُنْدو ج تِنْدا:** ذ. اهو رسو جنهن ۾ گهٽا ٻاڪرا ڦرڻا ٻڌجن (هن رسي ۾ هڪ ٻن فوٽن بعد هڪ "ڳراهو" هوندو آهي. جو ڦر جي ڳڇيءِ ۾ وهي ڇڏيو آهي: اهڙيءِ طرح هڪ تند جي ڏيگهه ۾ ويهه يا ٽيهه ڦر سلهاڙي سگهجن). ڪرڻ جي ڪائيءِ وغيره ۾ پوتل ڪنيون. ڏور ۾ پوتل ڏيڻ. تولي (چورن جي).

– **تِنْدي تانڻ ڪرڻ:** تعلقات چنڻ. هڪ جي عوض گهٽن کي نقصان رسائڻ.

– **تِنْدي ۾ آڻڻ:** تڪليف ۾ وجهڻ — هلاڪيءِ ۾ وجهڻ.

• **تُنْدُور ج تُنْدُورَ:** ذ. [ف. تُنُور] ڪنورو — بٽي — مانيءِ پچائڻ جي بٽي — تنور.

• **تُنْدِيْ:** ث. [ف. تُنْدي] تکڙ — تاهوتو

• **تُرِو ج تَنِرا:** ذ. اک جي نوڪ (نڪ جي پاسي واري، جنهن مان لڙڪ وهن). ڪوڻري جو ٽڻ.

– **تَنِرا وهائڻ:** ڳوڙها ڳاڙڻ – تمام گهڻو روئڻ.

• **تَنَزّل :** ذ. [ع. نَـزَلَ = هو هيٺ لٿو] زوال – مٿانهين درجي تان ڪرڻ يا لهڻ جي حالت. پستي، تباهي.

• **تَنْزِيه:** ث. [ع. نَـزَه = پاڪدامن هجڻ، عيب کان روڪڻ، پاڪ ڪرڻ، صاف ڪرڻ] پاڪائي. صوفين جي اصطلاح ۾ خدا تعاليٰ جي عيبن کان پاڪ هجڻ جو اعلان ڪرڻ.

• **تَنسِيخ:** ث. [ع. نسخ = ڦاهڻ] رد ڪرڻ – منسوخي.

• **تَنْظِيمَ ج تنظيمون:** ث. [ع. نَظَمَ = ملائڻ، پوئڻ] انتظام – بندوبست، جوڙجڪ. ٺاهڻ ٺوهڻ. سٽاءُ، پوڄ، ترتيب جي سهڻائي.

• **تَنَفُّر:** ذ. [ع. نَـفَـرَ = ڇڄي پوڄ] نفرت، پاسو.

• **تنفس ء:** ذ. [ع. نفس = ساهه کڻڻ] ساهه – دم.

• **تَنْقِيص:** ث. [ع. نَقَصَ = گهٽ ڪرڻ] گهٽتائي – ڪوتاهي، زيان – نقصان، بي توجهي. ان وٺت يا اٽڪٻت وارو رخ – اعتراض.

• **تَنْقِيح:** ذ. روينيو ڪاتي جي اصطلاح ۾ ڍل جو حساب ڇڪاس ڪرڻ جي حالت.

• **تنڪ:** صفت. [ف] ٿورو، اپرو – هيڻو.

• **تنڪ مزاج:** صفت. نازڪ مزاج، چيڙاڪ.

• **تَنِكو ج تُنِكا:** ذ. طعنو – مهڻو – ريڻ، طعني سان گڏ ڪر ايندڙ لفظ "طعنو تنڪو".

• **تِنِكو:** ذ. ڏرو - ٽورڙوئي "ڪيءَ ڪمائيءَ پاهنجي، تِنِكو رسي ماءِ" (لطف الله قادري).

– **تَنِكي وارو هڻڻ:** غيرتمند هڻڻ.

• **تُنِكي:** ث. ڪنهڙائي – تيزي – تڪائي.

• **تُنْگ:** صفت. [ف] سوڙهو، جڪڙيل – پِتل، ٿوري (جاءِ)، ننڍو (رستو)، گهٽيل، ٽورو، ناڪافي – اٽبورو، ڪُڪ – خفي، پريشان، تڪليف ۾، غريب – محتاج، سخت پختو، تنگ اچڻ.

• **تنگ اچڻ:** عاجز ٿيڻ – بيزار ٿيڻ، ٽڪجي پوڻ.

– **تُنگ ٿيڻ:** سوڙهو ٿيڻ، گهنجڻ، ڪُڪ ٿيڻ – آتو ٿيڻ – ورجڻ، عاجز ٿيڻ، ڏکيو ٿيڻ، لاچار ٿيڻ.

– **تُنگ پوڻ:** سخت ڳالهائڻ – کهرو ڳالهائڻ – ڏندي ڏيڻ، رکو ڳالهائڻ، تڪليف ڏيڻ.

– **تُنگ ڇَشم:** صفت. ڪم ظرف. ڪنجوس – بخيل، معشوق (جو شوخي سبب ڪنهن ڏي اک کڻي نه ڏسي).

– **تُنگ ڇَشمي:** ث. بخل – ڪنجوسي، ڪم ظرفي.

– **تُنگ حال:** صفت. محتاج – مفلس – غريب.

– **تُنگ حالي:** ث. محتاجي – مفلسي – غريبي.

– **تُنگدَست:** ذ. صفت. سجو – ڪتل – مسڪين – مفلس – غريب.

– **تُنگدستي:** ث. سجائي – ڪتلائي – غريبي.

– **تُنگدل:** ذ. صفت. ننڍي دل وارو. بخيل، ڪنجوس.

– **تُنگدلي:** ث. بخل – ڪنجوسي.

• **تنگ رهڻ:** هٿين خالي رهڻ، مسڪين رهڻ، ڪمائي نه هجڻ، پريشان رهڻ – بيزار هجڻ.

– **تُنگ طلبي:** ث. چڪتاءُ – سوڙهي، گهُٽ. (قرض جي) تقاضا.

– **تنگ طلبي ڪرڻ:** تقاضا ڪرڻ، سوڙهو گهُٽڻ، چڪ تاڻ ڪرڻ.

• **تنگ ظرف:** صفت. ٿور دليو، ڪميڻو.

– **تُنگ ڪرڻ:** سوڙهو ڪرڻ، تڪليف ڏيڻ – لاچار ڪرڻ، عاجز ڪرڻ – سوڙهو گهُٽڻ، بيزار ڪرڻ، ستائڻ.

• **تنگ ڪرڻ:** بيزار ڪرڻ – ستائڻ، ورجائڻ.

– **تُنگ نظر:** ذ. صفت. تعصب رکندڙ، بخيل – ڪنجوس.

– **تُنگ نظري:** ث. تعصب – ڪنريشو، بُخل.

• **تنگ وقت:** ذ. ڏکيو وقت – اوڪي، مشڪالت يا مصيبت جو وقت.

• **تنگ و تاريڪ:** صفت. سوڙهو ۽ اونداهو.

– **تُنگي ج تُنگِيُون:** ث. سوڙهه، سختي، غريبي – مفلسي، گهُٽ، اهنج – ڏکيائي.

• **تُنگ (ت):** ث. جيت جو هڪ قسم.

• **تنگر (س):** ث. منزل "اِ اوٽيڙن جي اسماعيل چئي، هئي توڙ ڪان ڏگهي تنگ" (اسماعيل موندرو).

• **تُنگ ج تُنگُون:** ث. چڪ – ڏڪ، ڏوڙ، تڪليف "تيلاهين تنگون ڪريين، جيلاهين تون جُوءِ" (شاه).

• **تُنگ ج تُنگ:** ذ. [ف] گهوڙي جو هڪ سنج – جمڙي ۽ سُٽ جو پٽو (جنهن سان هنو، گهوڙي جي پٺيءَ سان سوگهو ٻڌجي). اُٺ جي پاکڙي کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سُٽ، ڏاس يا ڏُهوڙ جو پٽو. ڪشالو – محنت – سختي، فاقو – لنگهڻ. تڪليف. اُڃ – اوسر. گهيڙ – گهات – لنگهه "انڌي وڇوڙ، ڪنڌيءَ وڇون، تنگ ٽالهي نه ٽِڪ" (شاه).

– **تُنگ ٻڌڻ:** هني يا پاکڙي کي قابو ٻڌڻ – تنگ ڇڪڻ.

– **تُنگ توڙائڻ:** جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اُبهرو ٿيڻ – بي صبر ٿيڻ.

– **تَنگ ڇنائڻ:** ٻاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ – وڇڻ لاءِ جند آجي ڪرائڻ، تمام گهٽي تڪڙ ڪرڻ. وقت تي دوکو ڏيڻ.

– **تنگ ڇڪڻ:** تنگ ڪشڻ.

– **تَنگ ڇوڙڻ:** تنگ ڪرڻ (گهوڙي جو).

– **تَنگ ڊرو ڪرڻ:** تنگ ڇوڙڻ.

– **تنگ ڳهڻ:** نقصان ۾ وجهڻ – دوکو ڪرڻ.

– **تَنگ ڳنڍڻ:** تنگ ڇڪي ٻڌڻ – تنگ ڇڪڻ.

• **تِنگَ (ت):** ث. ڇڪ – ٽڪ. زور. تنوع.

– **تِنگَ ڏيڻ:** زور ڏيڻ – ڇڪ ڏيڻ. ضد ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ.

• **تنگن:** ذ. موتي "تنگن پرماوت، مروارید ڏوڙ" (ڏهس).

• **تنگو، تنگن:** ذ. [بلوچي] سون "سؤ ڪيور ڪل ڪکر، ديهه تنگوءَ تجلان" (ملان خوشحال ڪتي).

• **تَنگواڻي:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَنگي ج تَنگيُون:** ث. [ف. تَنگ > تنگي] سوڙهه – گهٽ. سختي. تڪليف – مشڪلات. خفو – پريشاني. سڃائي – مسڪيني – غربت.

• **تنگي ترشي:** ث. ڪفايت شعاري – ڏڪ سڪ.

• **تَنگهه:** ٿ. ضرورت – گهرج – ڪَپ – تانگهه.

• **تنگهائي:** ث. تنگي. تڪليف. انتظار – تانگهه "تانکو تنگهائي، ويئي وجودان ان جي" (خانڙئي).

• **تَنگهياڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَنڍ:** مصدر. پرا. تَنڍي: ڪپڙي جي تَن يا سوراخ کي سُئيءَ سان آڻڻ – بور ڀرڻ – رفو ڪرڻ. ٽوڙ ڪرڻ – سوراخ ڪرڻ – تَنگ ڪرڻ. (تَنيو – تَنيندو – تَنيل).

• **تَنڍي ج تَنڍِيُون (ل):** ث. زناني چوليءَ جي گريبان کي سَٽ يا اڇڙيءَ جي ٻڌل ڪَهي – تَڪي.

• **تنر ج تَنا (ت):** ذ. ڪاني جو تيلو. گاهه جو تيلو. ڪمند يا جوئر جي ڪاني کي گُهرين وٽان نڪتل ياڙون. تندو. ياڙ جي تاري. پنجوڙ جو انگهو (جنهن ۾ پنجوڙ جا پلا ند ٻڌجن). پهراڻ جو وڇ وارو ڪپڙو (جنهن کي ٻري يا پاسو ڳنڍجي).

• **تَنوار ج تَنوارُون:** ث. آواز. جهونگار. لات (پڪين جو). للڪار. سڏ (چوپائي مال کي). ذڪر جي هونگ. پڇار.

– **تَنوارُون ڪرڻ:** برليون هڻڻ – لاتيون لَنوڙ. ذڪر ڪرڻ. جهونگارون ڪرڻ.

• **تَنوارَڻ:** مصدر. آواز ڪرڻ. آلاپ. هڻڻ. للڪارڻ. لَنوڙ. وڇڻ (سانڍ). (تنوارينو – تنوارينڊو – تنواريل).

• **تنوال:** ث. تنوار.

• **تَنوَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَنُورَ ج تَنُورَ(ت):** ذ. ٽار (جند جو) – مات (ل).

• **تَنُورَ ج تَنُورَ:** ذ. [ف] مانين پڇائڻ لاءِ گندلي مثل زمين ۾ کوٽيل کڏ. ڪورو – بَٽي. مَڇ – آڙاهه.

• **تنوع:** ذ. [ع. تنوّع = ورهائڻ] قسم – نمونا. مختلف رنگ.

• **تَنومَنڈ:** ذ. صفت. [ف] طاقتور. ٽلهو متارو. تندرست – ڇگو پلو.

– **تَنومَنڈي:** ث. تندرستي – ڇگلائي.

• **تنومندي:** ث. ٽولهه – موٽاپو. طاقت – سگهه.

• **تنومند:** صفت. طاقتور – سگهارو. ٽلهو متارو. تندرست.

• **تَنوڙ، تَنوڙِ ج تَنوڙُون، تَنوڙُون:** ث. هڪ ويلي جو آڻ. ويلو – وير. ڦوٽ. هڪ ويلي جو ڪاڏو.

– **تَنوڙ ۾ تنگي پوڻ:** گذران تنگ ٿيڻ. ڏکيو گذران ٿيڻ.

• **تَنوِير:** ث. [ع. نَار = چمڪ] نُور – روشني – چمڪ.

• **تَنوِين:** ث. [ع. نَوَنَ = 'نُون' جو آواز ڪرڻ] ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ واري اکر سان 'نُون' – 'نُون' جو آواز ڪرڻ] ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ واري اکر سان 'نُون' گڏي اُچارڻ خاطر ڏنل ٻه زبرون، ٻه زيرون يا ٻه پيش "جبراً، فانٍ، أسدٌ".

• **تنهن، تِنهن:** ضمير. تنهن.

• **تَنها:** صفت. [ف. تنها < تَنْهَ = اڪيلو] اڪيلو – هڪڙو – ڇڙو. الڳ – جدا. فقط – رڳو.

– **تنهائي:** ث. اڪيلائي. خلوت – علحدگي.

• **تِنها:** ظرف. تنهن مان.

• **تُنهنِ، تِنهُنْ:** ضمير. [پرا. تَهـ: سن. تُشَيَ] اُن – انهيءَ هُن.

– **تنهن پر:** ظرف. تنهن وانگر – انهيءَ وانگر – انهيءَ طرح.

– **تنهنڪري:** ظرف. انهيءَ ڪري – انهيءَ سببہ

– **تنهن کانسواءِ:** ظرف. اڃان انهيءَ کان ٻه وڌيڪ.

– **تنهن لاءِ:** ظرف. تنهنڪري.

• **تُنهُنْ (ڪ):** ذ. تُڙه. 'جو وڏو ٻوڙو.

• **تُنهن پرينهِ:** ظرف. پرينهن کان پوءِ. ٻيو ڏينهن.

• **تُنهُنْ:** ضمير متصل. [ف. تَ: پرا. تُهَر: سن. تُشَيَ] ضميري اڇپاڙي، جا هميشه 'جو'، 'جي'، 'جِي' ۽ 'جا' سان گڏ ڪر اڇي – تو (ڪ. لس).

– **تُنهنجو:** ضمير واري اضافي صورت. تو وارو.

• **تُنهينْ:** ضمير تنهن – اُنهي.
• **تنِيْ، تنِي:** ضمير اُنهن. تن جي.
• **تُنيا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گنبت ۽ هڪ ديهه جو نالو.
• **تَوْ:** ث. [سن. تَنْ = تاڻڻ] چِڪَ – تاڻ – ڇڪ. تانگهه – سِک. 'تَوڻ' (= کاڌن قوت) جو مخفف – ويلي جو قوت.
– **تَوْ لڳڻ (ڪ):** کاڌو لڳڻ – زور وٺڻ (بدن ۾).
• **تُوَ (ت):** ث. پرت جو ڪر. پريل گڇ يا ڪنجرو.
• **تَواءُ:** ذ. چِڪ. گهيل.
• **تَڪَتُ (ت):** ذ. ساهه جي چِڪ. شوق – خيال.
• **تُوْ تُوْ:** ث. ڪت ڪت – جهيڑو – ڪتراڪ.
• **تَڪ، تَڪَ:** ث. چِڪ – تاڻ – تانگهه.
• **تَڪڻُ:** مصدر. چِڪڻُ – چِڪَ ڏيڻ. (تڪيو – تڪيندو – تڪيل).
• **تُڪر:** ذ. ڏرو – ٿورو ڏرو. تُنڪر.
• **تَڪڻُ:** مصدر. [سن. تَنْ = تاڻڻ] چِڪڻ – تاڻڻ. ڳولڻ – جانچڻ. وڑهڻ. (تڪيو – تڪيندو – تڪيل).
• **تَڪو:** ذ. پرت جو هڪ قسم. پرت پريل گڇ يا ڪنجرو. پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر (جو گهڪهي يا گڇ جي چاتيءَ وٽ هٽجي). تَڪي – بَرِيُ.
– **تَڪي جو هارُ:** ذ. گڇ جي پرت جو هڪ قسم. چاتيءَ وٽ گڇ جو پرت (جو هار وانگر ڏسجڻ ۾ اچي. خاص ڪري ڪنوارين چوڪرين جي چولن تي اهو پرت ٿئي. انهيءَ پرت کي 'ڪنڊلو' ب چون. وچولي ۾ 'گريباني' يا 'ڪتيون' چون ۽ لاڙ ۾ 'ٻيڙو' چون. اهڙو ساڳيو پرت جو اُرهه جي هيٺان هجي ان کي 'سينا بند' يا 'هيج' چون).
• **تَڪي ج تَڪِيُونْ:** ث. [سن. تَنْ = تاڻڻ] چِڪَ – تاڻَ – ڪشش. مرضي – تمنّا – خواهش. سڪ – اُڪند – اُڪير "اديون عبداللطيف چئي، لڳيم تَن تَڪي" (شاهه). گڇ جي پيٽ پٽي – بَرِيُ. ڪنجري جو ڏاڳو (جو چڪي پليءَ ڏانهن ٻڌبو آهي. جنهن جي ڪولڻ سان سينو اڳهاڙو ٿئي). سينو – چاتي "ڪولي تن تڪي. دليت مليا دوست کي" (دليت). بوٽ جو ڏاڳو – تسمو – ڪشو. نوڙيءَ جي پينگهه (ث). اُٽ کي هَر سان ٻڌڻ جي نوڙي (ث). هڪڙي نوڙيءَ جي لوڏ جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانيءَ ٽکر ٻڌل هجي (ث).
• **تو:** ضمير حاضر واحد. [پرا. تئي؛ سن. تۏمَ = تون پاڻ؛ ف. تُوْ] ڪنهن ماڻهوءَ سان مخاطب ٿي ڳالهائڻ وقت 'تون' جي (۱) ماضي جي صيغي ۾ حالت فاعلي ("توکيو، تو ڪاڏو"). (۲) عام صورت ۾ حالت جري ("توڏانهن، تو وٽ، تولاءِ") ۽ (۳) ڪوهستان ۽ لس بيلي جي محاوري ۾ حالت اضافت ("ترجي" = تنهنجي).
• **توتي:** ظرف. تنهنجي مٿان.
• **تودِي:** ظرف. تنهنجي پاسي.
• **تَوْ:** ذ. [سن. تاپ؛ ف. تاو = سيڪ] گرمي – ڪوساڻ – سيڪ – گرمائش.
– **تَوْ ڏيڻ:** سيڪ ڏيڻ – گرم ڪرڻ.
• **تَوْ ج تَوَا:** ذ. [ع. طوا؛ ف. تاب] مانيءَ پچائڻ لاءِ لوهه جو گول تکرو.
– **تَوْ گهمائڻ:** ڪارو منهن ڪرڻ. خراب ڪم ڪرڻ.
• **تَوْبَ:** ذ. [ع. تاب = توبه ڪرڻ] توبه ڪندڙ. پڇتائيندڙ.
– **تَوْبَ تات هڻڻ:** توبهه قبولينڊڙ (ذاتِ تعالىٰ) جي يادگيري هڻڻ.
• **تَوَاتُر:** ذ. [ع. وَتْر = زه يا ڏاڳو بڌڻ] سلسلو – لاٽ.
• **تَوَارُج تَوَارُوْنْ:** ث. تنوار. آلاپ. واڻي. ڪوڪار. للڪار. سڏ – پڪار. لات – جهونگار. گهالهه – ذڪر. گِلا. گار (ڪ).
– **تَوَارُ ڪرڻ:** تنوار ڪرڻ. لات لنوڻ. (مال کي) سڏ ڪرڻ. گار ڏيڻ.
• **تَوَارُدْ:** ذ. [ع. وَرَدَ = هو داخل ٿيل] ٻن شخصن طرفان ساڳئي مضمون جو خيال. ٻن شاعرن جو هڪجهڙو خيال. هڪٻئي جي خيالن جو ميلاپ.
• **تَوَارُڻْ:** مصدر. تنوارڻ. آواز ڪرڻ. گهالهائڻ. جهونگارڻ. گاريون ڏيڻ (ڪ). (تواريو – تواريندو – تواريل).
• **تَوَارُ (لُ):** ذ. پٽڻا ۽ پاراتا.
• **تَوَارِيْخْ:** ث. [ع. تاريخ ج تواريخ < اَرَخَ] مهيني جا ڏينهن. سڌ يا سال جو علم. واقعات جو علم. تذڪرو. داستان. اتهاس. اهو ڪتاب جنهن ۾ گذريل وقت جا حالات ۽ واقعات تفصيل سان سڌ وار لکيل هجن.
• **تَوَازُنْ:** ذ. [ع. وَزَنَ = تورڻ] وزن – تورَ. برابري.
• **تواضُ:** ذ. [تواضع، جو مخفف] ادب ۽ نئڙت "آمومين مشاهدي، ڪن طائوس تواضُ" (جلال ڪتي).
• **تواضُعُ:** ذ. نهٺائي – نئڙت.
• **تَواضُعْ:** ذ. [ع. وَضَعَ = رکڻ] خاطر مدارت – مهمانداري – آدر پاڻ. نياز نوڙت. مروت. ادب. نهٺائي – حليمائي.
• **تَوَامُ:** ذ. [ع] جاڙو (جاول ٻار).
• **تَوَانْ:** ث. [ع] طاقت – زور – همت – توانائي.
– **تَوَانْگَرُ:** ذ. صفت. طاقت وارو. مالدار – دولتمند – تونگر.
• **تَوانو ج تَوانا:** ذ. صفت. [ف. توان = طاقت] طاقتور – سگهو – چاق – جگر پلو – تندرست – خوش. تازو. مضبوط.
– **تَوانائيْ:** ث. طاقت – زور – چاقائي – تندرستي. مضبوطي. تازگي.

• **تَوائِيْ ج تَوائِيْ:** صفت. گمراھ – پليل – منجھيل. واڙو – موگو – حيران. چڙ وچڙ.
– **تَوائِيْ ٿِيڻ:** پلجي وڃڻ – گمراھ ٿيڻ.
• **توبَ ج تُوبُوْنْ:** ث. [ف. ترڪي. توپ] ھڪ قسم جو بارودي ھٿيار – گولو اڇلينڊڙ ڪل – توپ – توف.
– **توبچِيْ ج توبچِيْ:** ذ. صفت. [ترڪي] توپ وارو. توپ چوڙيندڙ. بندوق ھڻندڙ. گلندانڙ. نشانہ باز. چيٽو شڪاري.
– **توبخانو ج توبخانا:** ذ. [توپ + ف. خانہ = گھر] توپن رکڻ جي جاءِ.
– **توبڙِيْ:** ذ. [ف] توپ ھڻندڙ – توپچي – گلندانڙ.
– **توبڙِيپڻو:** ث. توفن ھڻڻ جي حالت – گولي باري.
• **توبرو ج توبرا:** ذ. [ف. توبڑہ] چمڙ جي ڳوٿري جنھن ۾ داڻو وجھي گھوڙي جي منھن تي جاڙھي چڌجي جيئن گھوڙو آساڻيءَ سان داڻو چرندو رھي – پاھورو.
– **توبروا توبرا:** نڌا. چڙيل گھوڙي کي توبرو ڏيکاري سڌڻ ۽ بيھارڻ جو آواز.
– **توبرن ۾ کائڻ:** پوري پني تي راضي رھڻ.
– **توبري تي بيھڻ:** چڙيل گھوڙي جو توبري کي ڏسندي بہ نہ بيھڻ ۽ مستي ڪرڻ. ڪنھن ماڻھوءَ جو آکڙ مان نہ جھلائڻ. ڪنھن جي نہ ٻڌڻ.
– **توبري تي ھٽ ٿي نہ ڏيڻ:** ڦوند ۾ پرجڻ – مغرور ٿيڻ. ڪنھن تي اعتبار نہ ڪرڻ.
– **توبري جھلڻو ج توبري جھلنو:** ذ. صفت. خدمتگار – نوڪر. پوئلڳ.
– **توبري جھلڻو ھڻڻ:** پوئلڳ ھڻڻ. خدمتگار ھڻڻ.
• **توبہ، توبھہ ج توبھُوْنْ:** ث. [ع. تَوْبَة < تابَ = حدا ڏانھن موٽڻ] گناھ ڪان پڇتاءَ. افسوس. پشيماني – ندامت. بانڍ. ٻُرن ڪمن ڪان پري رھڻ جو انجام. (اسم خاص) قرآن شريف جي ھڪ سورة جو نالو – سورة 'توبة'.
– **توبہ پرڻ:** جاتو پرن. بانڍ ڪرڻ. پڇتائڻ.
• **توبہ شِڪن:** صفت. توبہ پڇندڙ. (مجازا) معشوق.
• **توبہ ڪرائڻ:** سخت سزا ڏيئي باز رکڻ. معافي ونائڻ.
– **توبہ ڪرڻ:** ھميشہ لاءِ بس ڪرڻ. پڇتائڻ. بانڍ ڪرڻ.
• **توبہ مجاڻو:** اھڙو ظلم ڪرڻ جو سيئي ماڻھو توبہ توبہ ڪن. پناہ گھرڻ.
• **توبرو ج توبرا (ت):** ذ. توبرو.
• **توبرو ھجڻ (ت):** ٽلھو ھجڻ. ڳھ ڪائو ھجڻ. ھيڪي ھجڻ.
• **تُوتَ:** ث. ٽات – طلب – ڳولا "ٽات توت".
• **تُوتُ ج تُوتَ:** ذ. [ع] وڻ جو ھڪ قسم (جنھن جي پنن تي پٽ ڪيٽان پالينداَ آھن) – توت جو وڻ. توت وڻ جو ميوو – Mulberry. (صفت) تمام سنھون ۽ ڏگھو (ل).
– **تُوتائِي ج تُوتائِي:** ذ. صفت. توتن وارو. توت وڪڻندڙ.
• **تُوتاري ج تُوتارِيُوْنْ:** ث. [سن. تُورِيْ] ساز جو ھڪ قسم. شرناءِ "وڄي تي وحدت جي تن ۾ توتاري" (شاعر). ھڪ قسم جو باراتو راندیڪو (جو وات سان وڄائين). بينسري.
• **توتارُ ج توتارا:** ذ. ڦوڪ سان وڄائڻ جو ھڪ ساز.
• **توترُ ج توترا (لس):** ذ. توتارو.
• **توتارِيْ ج تُوتارِيُون:** ث. ناڙي جي ول جي ڏانڊيءَ جو ٽڪر جو پار وڄائين – ٻارن جي ٽاھيل توتاري. ڦوڪ سان وڄائڻ جو ھڪ ساز – شرناءِ. تُوتاري.
• **توتائي:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪائي ۾).
• **توتر (ث):** ث. اُميد – آسرو.
• **تُوتَرَ ج تُوتَرَ:** ذ. ڏونگ – مِکر – تال. مَکر – فريب. بھانو – عذر. ڪوڙ. ڪنھن کي ڏيجارڻ لاءِ ڪوڙي ڳالھ. ھڪ قسم جو گاھ (ڪ). (صفت) تمام ڏگھو ۽ سنھون (ل).
• **توترِيا:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاھ ۽ حيدرآباد ۾).
• **تُوتَڙَ (ت):** ذ. ٽُھَ (سارين جا) "اڇو ڪندءِ انّ جان. تاري توتڙ توھہ" (جلال ڪتي). پوک جا ڪس سنگ (جي انّ ماري چڌين). چوڙا.
• **تُوتَوَ ج تُوتَڙَ:** ذ. ڪوڙي ڳالھ (جنھن ذريعي ڪنھن ماڻھو کي ڏيجاري روڪيو وڃي).
• **تُوتَو ويلا (ث):** ث. ھڪ قسم جي ول ۽ اُن جو ڦَرُ.
• **تُوتِوِيْ ج تُوتِوِيُوْنْ:** ث. تُوتاڙي.
• **تُوتِڪ:** ذ. ھيڙيءَ جو ھڪ حصو – اڳ واري ڏڪ جو لڪ – اڳيلي – فالڪو.
• **تُوتِڪِيْ ج تُوتِڪِيُوْنْ (ث):** ث. تُوتڙي – تُوتلي.
• **توتِلائِيْ:** مصدر. صاف نہ ڳالھائڻ – ٻاتائڻ.
• **توتِلو:** صفت. ٻاتو – زبان مان چٽا آواز نہ ڪڍندڙ.
• **تُوتِلِيْ ج تُوتلِيُوْنْ (ل):** ث. تُوتڙي.
• **تُوتَڙَ:** ذ. توتاڙي،جو آواز.
• **تُوتِيْ ج تُوتِيُوْنْ:** ث. ساموندي مڇيءَ جو ھڪ قسم (ٻنا چلن. ڏيگھ ۲ کان ۴ انچ. سمنڊ اندر پٿرن ۽ ٻاڻن ۾ رھي).
• **تُوتِيا مارِيْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ ھڪ بوتيءَ جي ٻاڙ.
• **تُوتِيو:** ذ. [ع. تُوتِيَاءُ] پساريڪي وڪرجو ھڪ قسم (نيري يا سائي رنگ جو ڏاتو جو ڪاتين مان ڪوٽي ڪڍيو وڃي. بعضي تيزاب ۾ ٽامو ڳاري بہ ٺاھين. چار قسم ۱. سائو توتيو = green vitroil. يا Zinc sulphate ۲. نيرو توتيو = copper sulphate ۳. ڳاڙھو

توتيو = copper oxide ۴. توتيو - سرمو، اکين جي اکسير دوا - Collyrium. ٽوئيو - زاج (ف).

- **توتيا ج توتيون:** ٿ. [ترکي] گولا اچلائڻ واري مشين. توب - توف.
- **توتيچي:** صفت. توپچي.
- **توتيخانو:** ذ. چانوٽيءَ ۾ توپن رکڻ واري جاءِ.
- **توثيق:** ٿ. [ع. وثق = مضبوط ٿيڻ] مضبوطي - پختائي. يقين - پڪ.
- **تَوْج:** اسم خاص. ٽل ۽ ڪشمور تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو. ڪوهستان ۾ هڪ لَڪ جو نالو.
- **تَوَجُّه:** ذ. [ع] ڌيان. خيال. لاڙو - رغبت. مهرباني - عنايت.
- **توجهه ڏيڻ:** ڌيان ڏيڻ - خيال رکڻ.
- **توجيهُ:** ٿ. [ع] تَوَجُّه (ڌيارڻ). سبب (بيان ڪرڻ). دليل (ڏيڻ).
- **توجيهه:** ٿ. نماز نفل کان پوءِ دعا طور پڙهڻ لاءِ قرآن شريف جي هڪ آيت.
- **توجَّهاڻ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
- **توحيدُ:** ٿ. [ع] خداتعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو. وحدانيت - هيڪڙائي.
- **تودِريُ:** ٿ. [ف. تُوْدَري] دوا طور ڪم ايندڙ بسارڪي وکر جو هڪ قسم (بج سنهڙا داڻا. ڳاڙهي ۽ هيدي رنگ ني) - هڪ ٻوٽو ۽ ان جو بج جو دوا طور ڪم اچي - سُمّاق (ع) > sumach (انگ) - mallow.
- **تُودو ج تُودا:** ذ. [ف. تُوده] مٽيءَ جو ڍڳ. ڍير - ڏڙو. زمين جي حد بندي لاءِ ناهيل ڏڙي. پيلپائو.
- **تُوڏَ، تَوڏَ:** ٿ. فخر - گهمنڊ - وڏائو "تڙج تون تَوڏ نڪبر کي". ڪاوڙ - رکائي - هَڏِي. بحث - هوڏ. نازسان هلڻي - تورَ - لوڏ. سينگار - سڱاءَ "ڪيڃان آيو قافلو. طرح موجاريءَ تودَ" (شاهه).
- **تودَ (ل ث):** ٿ. اُٺ ۽ ڏاڃي - تودِي.
- **تودِ ڪِي ج تودِ ڪِيُون (ث):** ٿ. گونڙِي - تودِي.
- **تَوڏڻُ:** مصدر. فخر ڪرڻ - هٺ ڪرڻ. ضد ڪرڻ - هوڏ ٻڌڻ. بحث ڪرڻ. ٽڪو منو پوڻ. (تودَيو - تودَبو - تودَيل).
- **تَوڏجڻُ:** مصدر. "تودڻ" مان فعل مجهول. ٽڪو منو ڳالهائڻ. ضد پوڻ. هوڏجڻ. بحث ۾ پوڻ.
- **تودو ج تودا:** ذ. اُٺ جو بچو - گونرو. هڪ سال جي عمر يا گهٽ عمر وارو اُٺ. ٽلهو متارو فقير. (صفت) ڪوپو - ڪوند (جوان). (اسم خاص) مرد جو نالو. (تودَو فقير مَري، جو شاعر سانوڻ جو صحبتي ۽ راوي هو ۽ پاڻ به بيٽن جو شاعر هو).
- **تودِي:** ٿ. ننڍي مادي اُٺ. هڪ راڄڪيءَ جو نالو - تودِي.
- **تودِي ڳائڻ:** دل خوش ڪرڻ. خوشي ڪرڻ.
- **تودِي ج تودِيُون:** ٿ. ننڍي اُٺ - گونڙِي. خوبصورت زال - سُهڻي عورت. ٻيڙيءَ ۾ پوئين ۽ جي شيخلي سان جهلڻ واري رَسي.
- **تودِيو ج تودِيا (ث):** ذ. تودو.
- **تُوَرَ، تُورِ ج تُورَن، تُورِيُون:** ٿ. پکيءَ جو هڪ قسم (پاڻي ۽ جي ڪنارن تي يا پوکن جي پاڻ ۾ گهمي. تري ڪونہ سگهي. ڳچيءَ ۽ چهنب ڊگهي. اکثر مڇيءَ تي گذران ڪري. رنگ جو اڇو. ڪونڃ جهڙو). تُورِي (ت). سرنهن جو هڪ قسم (ت). گيت جو هڪ قسم (ث). گڏهن جي هڪ ذات.
- **تُورَ ڏاڙهيو:** ذ. صفت. ڊگهي ڏاڙهي ۽ وارو.
- **تُوْرَ:** صفت. [سن. تُلْيَ = سمان. جيڏو] جيڏو - برابر - مَٽ. هر عمر - هڪ جيڏو - سرتو.
- **تُورَ ج تُورَ:** ذ. ساڳي وَهي يا جمار وارا ٻار ۽ نوجوان - هڪ ٽهي. هر سن "منهنجو تُور تلن ۾، ڇيها ٿر چاري" (شاهه). مَٽ يا موسر جا گَٽ. ٻُونگر - ٻُورَ. مَدائتو ۽ ڪجڙو قَلَ - قَرَ (ولين يا وٽن جو) - ڏورَ. پڪين جا ڪنهن موسر ۾ لاٽل آنا. ٻڇا. نَسْل - بَٽ. آرو (ڪُکڙ جو). ننڍڙن ڇيلن جو وڳر (ڪ). فصل يا پوک جو وار. ڦيرو - گهمرو (ٻيڙي، وغيره جو) - پُورَ. دل تي بارَ (ڪنهن ڪدائڪ واقعي کان). غم - فڪر. وڏو وهاٽو - طول - گاديلو.
- **تُور ڪارڻ:** قَرَ ڏيڻ جي موسر وڃائڻ - مَٽ ڪارڻ. وَهي وڃائڻ.
- **تَورات، توريته:** ذ. [ع] حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل آسماني ڪتاب.
- **تورام:** ذ. گل جو هڪ قسم "نارا جي تورام جي پل نيائين پاس" (جانو جارڻ).
- **تُورائِي (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **تُورائِي ج تُورائِيون (ڪ):** ٿ. پکن واري گهر کي باهرئين پاسي ڪنڊيءَ جي پاڙ ۾ ڏنل مٽيءَ جو ٻنوڙو (جيئن باهريون پاڻي اندر نہ اچي سگهي).
- **تُورائِڻُ:** مصدر. ڏوڙائڻ - ڏکائڻ. ٽڪائڻ "شهزادي کي شڪار گهٽو تورايو".
- **تُورِيو:** اسم خاص. [تور (= نسل. اولاد) + ييو (= وارو. جنهن کي اولاد هجي = اولاد وارو. پُٽن وارو] مرد جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو (ڳوٺ جي باني يا ڏاڏي 'توريي' جي پويان پيل).
- **تُورِنَن:** ذ. [انگ. تارزن] انگريزي ڪهاڻين جو جهنگل ۾ پليل هڪ روايتي ڪردار. [ف. تَوَرزَن = جنگي تبر جنگي ڪهاڙو] پهلوان - دليو.

– **ٹورڻ سڌائڻ:** پهلوان سڌائڻ. ڪنهن کي پاڻ جهڙو نه سمجهڻ.

• **تورڻ (ل ت):** ث. ڪاڻي، مان ٺهيل ۽ رڳيل، جهرڪين يا ڪن پکين جي شڪلين جو جونڪ (جو شاديءَ وقت دروازي تي هٿبو آهي. انهيءَ لاءِ ته گهوٽ ۽ ڪنوار ان هيٺان لنگهن).

• **ٹورڻ:** مصدر. [ه تولنا < سن. تُلْ = تَرڻ] تور ڪرڻ – وزن ڪرڻ. ماپڻ – ڪٽڻ. پيٽڻ. اندازو ڪرڻ (ڳالهه جو). (توريو – توريندو – توريل).

– **تورَ:** ث. ماڻ – وزن. ڪنهن شيءَ (خصوصاً اناج وغيره) جي وزن سان ڪَٽ.

– **توراڻي:** ث. تورڻ جو اُجورو.

– **توراڻ:** مصدر. "تورڻ" مان متعدي بالواسطه. تور ڪرائڻ – وزن ڪرائڻ.

– **توراڻي:** ث. توراڻ جي مزوري.

– **تورَتَڻ:** پورو وزن ٽيڻ.

– **تورتڪ:** ث. وزن ماپ. ڳڻ ڳوڻ. سوچ ويچار – غور فڪر.

– **تورجڻ:** مصدر. "تورڻ" مان فعل مجهول. تَرڻ.

– **تورڻ ٽڪڻ:** ڇڪيءَ طرح تور ٽڪ ڪرڻ. (ڳالهه کي) هر پهلوءَ کان ڏسڻ. اندازو ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ. خبرداريءَ سان جاچڻ. آزمائش وٺڻ.

– **تورٽيڻ:** ث. تورڻ جو ڪم – تورَ.

– **تورو ڇ تورا:** ذ. تور لاءِ مقرر ڪيل وزن – وٽ. تولي جي وزن جيترو وٽ. تولو. انصاف. عملن جو ليکو (آخرت ۾). فيصلو – نبيرو.

– **تورو ڪرڻ:** طرف وڃڻ – پاسو ڪٽڻ. سانگو ڪرڻ. تعريف ڪرڻ.

• **تورو ڇ تورا:** صفت. تور ڪندڙ.

• **تُورو ڇ تُورا** (ت): ذ. ڏين جي نوڙيءَ مان اُڀيل ڳوٽري. نوڙين جو ٺهيل ڇڪو يا ٻوٽاڙو (جو جانور جي منهن تي جاڙهي ڇڏجي، جيئن گاهه يا اَنُ نه کائي سگهي). ڪپڙي جو ڪيسو – ڳنوندو "چوندين ڳاگا. ڪرين پاگا. تورا پريو تان ميان" (ولي محمد). ٽڪريا ڪاشيءَ جي ٽانوَن کي رنگ ڏيڻ جو قلم.

• **توري ڇ توريُون:** ث. پلي مڇي مارڻ جي رڇ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاڻي (جا 'سَنڌ' سان ٻڌجي).

• **توري ڇ توريون:** ث. تڙني.

• **تُوريُ ڇ تُوريُون:** ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم. سُٽ مان ٺهيل جاري (جا ننڍڙن ڦڙن جي منهن تي جاڙهي ڇڏيندا آهن. جيئن هو مڇي نه کائين يا ڏائين نه).

– **تُوريُ مُوريُ ڪرڻ** (ت): پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ. گذر سفر ڪرڻ.

• **تُوريو:** ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم (جانيپ جي قسم جو. هن مان تيل گهٽيرو نڪري).

• **تورُ:** ذ. چيهه – دنگ. حد. انتها. پڇاڙي – آخر – نهايت. منزل.

– **تورُاڻ:** ظرف. تورُ ڪان. اصل ڪان. بلڪل – مور – هرگز. اول ڪان لوڏي ڪڍيل.

– **تورُاڻ ٽَڪيل:** ذ. صفت. مَنڊِ ڪان ڏڪاريل. نپاڳو. منحوس.

– **تورُ تائين:** ظرف. پڇاڙيءَ تائين – آخر تائين.

– **تورُ جو ٽَڪيل هڻڻ:** ڏُرئون ڏڪيل هڻڻ. منحوس هڻڻ – نپاڳو هڻڻ.

– **تورُ نباهڻ:** پڇاڙي ڪرڻ. آخر تائين وفاداري ڪرڻ.

• **تَوَڙِيُ (ل ث):** ث. سخت اُس تاوڙِيُ – تَپَش. گرمي.

• **تورِي:** حرف جملو. جيتوڻيڪ – اگرچ – توڻي.

• **تَوَڙَڪ:** ذ. [ترڪي] عملو – اتالو. ٽاٽ – دٻدٻو. شان شوڪت. ٺاهه ٺوهه – آرائش – سينگار. قانون – آئين. بادشاه جو روزنامچو (جو هن خود لکيو هجي. جيئن "تَوَڙَڪ بابري، توزڪ جهانگيري وغيره) – تَزُڪ

• **تَوَسُط:** ذ. [ع. وَسَطٌ = وچ ۾ هڻڻ] وچ – اعتدال. واسطو. وسيلو – ذريعو.

• **تَوَسُّلُ:** ذ. [ع. وَسَلَ = منٽ ڪرڻ] وسيلو – ذريعو. سفارش – پارت.

• **تَوْسَنُ تُوسَنُ:** ذ. [ف] گهوڙو (جو ٽيڪو ۽ اهنڌ هجي)، (صفت) بهادر.

• **تُوسو (ل):** ذ. سائو (رنگ).

• **تَوسِيعُ:** ث. [ع. وَسِعَ = ڪشادو ٿيڻ] ڪشادگي – وسعت – پکيڙ. زيادتي – واڌارو.

• **توشڪ:** ذ. [ف] سامان – اسبابه بادشاهه جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. اوڍڻ جو هڪ قسم (تمام سنهي ۽ هلڪي پٽراڻي. جنهن ۾ سير ڪن ڪپهه مس هجي).

– **توشڪ خانو:** ذ. توشا خانو.

– **تُوشڪي، توشڪچي:** ذ. صفت. توشاخاني جو سنياليندڙ.

• **توشو ڇ توشا:** ذ. [ف. توشه] ڏڍ – آسرو. ٿمر. منائي، جو هڪ قسم. ڏسو "توشهٔ". سفر جو سامان. سفر جو ڪاڏو. سامان.

– **توشاخانو:** ذ. بادشاهن جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. گهر ۾ سامان سڙو رکڻ لاءِ ڪوٺي.

– **توشو ڪرڻ:** ٿمر ڪرڻ. ڏڍ ڪرڻ. آخرت لاءِ نيڪ ڪم ڪرڻ.

• **توشهٔ:** ذ. [ف. ترڪي] سامان – اسباب – توشڪ. بادشاهن جو قيمتي سامان (جهڙوڪ. ڪپڙا. هٿيار. هيرا وغيره). اهو سامان يا ڪاڏو جو مسافريءَ جي وقت ۾ پاڻ سان کڄي – رستي جو ڪاڏو. ٿمر. ڏڍ – آسرو.

– **توشه خانهٔ:** ذ. توشاخانو. توشڪ

• **توشا خانو:** ذ. گهر ۾ سامان سڙي رکڻ لاءِ ڪوٺي.

– **توشدان:** ذ. [فـ. توشه + دان] اُها جمڙي جي ٽيلهي. جنهن ۾ سپاهي ڪارتوس ۽ سفر جو کاڌو رکن.

• **توصِيف:** ٿ. [ع. وَصَفَ = بيان ڪرڻ] واکاڻ – تعريف – صفت – ساراهه.

• **تَوضِيح:** ٿ. [ع. وَضَحَ = ظاهر ڪرڻ. صاف ڪرڻ] تشريح – سمجهاڻي – وضاحت.

• **توپ ج توفُون:** ٿ. [ترڪي. توپ] بارود. ڏسو "توپ".

– **توپ جي مُنهن ۾ ڏيڻ:** ڏوهاريءَ کي توپ جي منهن سان بڌي گولو چوڙڻ. موت جي منهن ۾ ڏيڻ. موت جي سزا ڏيڻ. وڏي مصيبت ۾ وجهڻ.

– **توپخانو:** ذ. [ترڪي. توپ خانه] ڏسو "توبخانو".

• **توپاڪ ج توپاڪُون:** ٿ. بندوق (ڏگهي نالي ۽ واري).

• **تَوفِيق:** ٿ. [ع] جڳن ڪمن ۾ سببن جو مهيا ٿيڻ. خدا جي طرفان رسائي، مدد ۽ موافقت. طاقت – سگهه – همت.

• **توقع:** ذ. [ع] آسرو – اميد – پروسو.

• **تَوَقُّف:** ذ. [ع. وَقَفَ = بيهڻ] دير – دِر – تاخير. ترسڻ جي حالت – وقفو.

• **تَوْقِير:** ٿ. [ع. وَقَرَ = عزت ڪرڻ] عزت – تعظيم – ادب.

• **توڪا:** ذ. "ڏاڇيون چارن ڏيهه جون، ڪن تڙن تي توڪا" (جلال ڪتي).

• **تَوَكُّل:** ٿ. [ع. تَوَكُل (علي) = پروسو ڪرڻ] پروسو (خدا تي). سڀڪجهه ترڪ ڪري خدا ڏانهن توجهه ڏيڻ. آسرو – آڌار – توهه. اُميد.

– **توڪّل جو تُرهو ٻڌڻ:** خدا جي پروسي تي مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهڻ. الله تعاليٰ تي پڪو پروسو رکڻ "ٻڌ توڪل سندا سدا تُرها. ٿي حيڇ ڪان ڇڄي پري ٻيزار" (فاضل شاهه).

– **توڪّل جو تَڪيو ڪرڻ:** توڪل تي پختو رهڻ. سچيءَ دل سان خدا تي پروسو ڪرڻ.

• **تَوَكُّل ج تَوَكُّلَ:** ڏسو تَوَكُّل. عام ماڻهن جو محاورو.

– **توڪلي توڪلي:** ذ. صفت. توڪل وارو – توڪل ڪندڙ – پروسو رکندڙ (الله ۾). (اسر خاص). مرد جو نالو "توڪل علي" جو عام اُچار.

• **توڪاڇو:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تُولان:** ذ. [ف] ڏسو "طولان".

• **تَوَلُّد:** ذ. [ع] جم – ولادت – پيدايش – جنم.

– **تَوَلد ٿيڻ:** بار جمڻ.

• **تولّو:** مصدر. [سرائڪي] تورڻ.

– **تولِ:** ٿ. تورَ.

• **تولو ج تولا:** ذ. [سن. تول] بارهن ماسن جو وزن – ڏُکو. تولي جو وَٽ.

تورو.

• **توليد:** ٿ. [ع] پيدائش – جنم. جمڻ.

• **تُومان:** ذ. [ف] صوبو ضلعو – صوبي جو لشڪر – ٽاٽ – ڏيهه. انالو – ڏنبلو.

– **تُومانِي ج تُومانِيُ:** ذ. صفت. ڏهڏهي وارو.

• **تُوْن (ت):** ظرف. تان – مٿان.

• **تُوْن ج تُوهِين. توهان:** ضمير. [پرا. تُمْهَ. سن. تُومَ؛ فـ. تُوْ] حاضر واحد سان مخاطب ٿيڻ جو لفظ.

– **تُوْن تُوْن مانْ مانْ ڪرڻ:** هڪٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ – ڏندي ڏيڻ.

– **تُوْن ڇا تُوْن ڇا ڪرڻ:** ڏندي ڏيڻ. زباني جهيڙو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ. بد زباني ڪرڻ.

– **تُوْنهِين تُون ڪرڻ:** خدا کي ياد ڪرڻ – خدا جو ذڪر ڪرڻ. ڏٽيءَ جي واکاڻ ڪرڻ.

• **تُوْنبو:** ذ. ڪپهه ٽنبڻ جو ڪر – تُنَب. قِينهو. ڪجو ڏاڳو.

• **تُوْنڊ ري (ت):** ٿ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم.

• **تُونسَ ج تُونسَ:** ذ. جند جو ٽار (ت). ماري – پڪي قاسائيندڙ.

• **تُونڱي ج تُونڱيُون:** ٿ. ٽِن (گاهه) مان ٺهيل هڪ قسم جو ٽڏو – ٻِندي (ت).

• **تُونُص:** ٿ. [ف. تَوش < تَبِش] گرمي. تپت – ڪوساڻ. بخار. هلڪو بخار – ڪُٽس. اُڃ – پياس.

• **تُونڪُل:** ٿ. ڏسو. توڪَل.

– **تُونڪُلي:** ذ. صفت. ڏسو. توڪَلي.

• **تُوڪو (لس):** ذ. مدار "مندير ساري ملڪ جو آهي تُوڪو تنهن تي" (وت باڪڙو).

• **تُونڪرو ج تُونڪرا (ت):** ذ. اُلڪو – گِڏتي – انتظار.

• **تُونگ ج تُونگ:** ذ. زمين جو وڏو ٽنو. وڏي ٽِنِي – گهٽي پوک واري لاڀيتي زمين. گهٽي زمين. باراني تي ٽيندڙ آباد اراضي. گهٽي حد – گهٽو فاصلو (ت). تلاءَ (ت) وڏو تلاءَ. پرت جو هڪ قسم. (اسر خاص) ميرپور ماٽيلي ۽ شڪارپور تعلقن ۾ ديهن جو نالو. ڪوهستان جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **تَوَنْگَرَ ج تَوَنْگَرَ:** ذ. صفت. [ف. تونگر < توان = طاقت + گَر = وارو] دولتمند – شاهوڪار – دنيادار. طاقت وارو. بيپرواهه.

– **تَوَنْگَرِي ڏيڪارڻ:** شاهوڪاري ڏيڪارڻ. نمايش ڪرڻ. آڪڙ ڏيڪارڻ.

• **تَوَڙ، تَوَڙِ ج تَوَڙُون، تَوَڙِيُون:** ٿ. هڪ مهل جو ڪاڏو – ويلو. رات ڏينهن جو ڪاڏو. رڌ پچاءَ لوهار جي اڳرن واري ڪوري.

– **تَوڙِ تُنگي:** ث. رزق جي گهٽتائي – غربت. ڏڪيو گدر.
– **تَوڙ ڪرڻ:** ويلي جو وقت ڪرڻ. ويلي جو وقت پورو ڪرڻ. پاڇي يا ٻوڙ ڪرڻ. رڌ پچاءُ ڪرڻ – ڪاڏو رڌڻ.
– **تَوڙ ڪٽڻ:** ڪاڏو ڪٽڻ. ويلو پورو.
– **تَوڙ ڪٽو ج تَوڙ ڪٽا:** ذ. صفت. ڪنگال – سُجو – مسڪين.
• **تَوڙ (ت):** مصدر. تپڻ – گرم ٿيڻ.
– **تَوڙي:** ث. تپت – گرمي.
– **تَوڙي تَپائِڻ:** پنيان پوڻ (ڪنهن ڪم لاءِ) – باهه ٻارڻ. هر گهڙي چوڻ – وري وري چوڻ. تڪڙ لائڻ. ڏاڍو ڪاهه ڪرڻ.
• **تَوڻ:** ث. نمونو – ذريعو – رستو. پچاڻي. منزل مقصود.
• **توڻهي، توڻي:** ظرف. تائين.
• **توڻي:** حرف جملو. توڙي – يا.
• **توڻي:** ظرف. ايتري ۾ ـ هينئرئي. جهت پت. تائين – سَوڏو.
• **توهڙ:** ذ. [تُشڙ (= خوش ٿيڻ) > توس > توهر] راضپو. ٻاجهه – فضل – لطف – ڪرم – مهرباني "جي توهر ٿيس توڏانهن. ته ويو وهيئو ناهه ڪي" (شاهه). پلائي. بخشش. آسرو – پروسو.
– **توهر سان ڏيڻ، توهر ڏيڻ:** لطف ۽ ڪرم جي آسري تي جيئڻ.
• **توهار:** ظرف. [تر + آهار] تو آڏار – تنهنجي آسري. هميشه الله لفظ سان ڪم اچي "الله توهار".
• **توهان، توهينْ:** ضمير. [پرا. تُمْهِي] "تون" جو جمع – اوهان – اوهين. عزت سان خطاب ڪرڻ جو لفظ.
• **توهائِڻ:** مصدر. بخشائڻ – بخش ڪرائڻ.
• **توهر:** ث. تنهنجي آسري – تو پروسي (هميشه الله سان گڏ ايندڙ "تامير نيري تي چڙهيو. ڪري الله توهر") (حفيظ).
• **تُوهَڙ:** ذ. ڏسو "تُوئر".
• **تُوهَڙ (ت):** ث. جوئر جي انّ جا ڪارا ٺهَ.
• **تـوهـمـ ج تـوهـمـات:** ذ. [ع] وهم – وسوسو – گمان – شڪ.
• **تُوهِنْ:** مصدر. [سن. تُشْ = خوش ٿيڻ] راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. بخشڻ – معاف ڪرڻ.
• **توهيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **تُوهِيْنْ:** ث. [ع. وَهْنَ. تَوْهِيْن = ڪمزور ڪرڻ] حقارت. بي عزتي. بي آبروئي – ذلت.
• **تو:** حرف جملو. ته. تنهن هوندي به.
• **تُوئَڙ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن ۾ مٽر جهڙيون ڦريون ٿين). "توئر" ٻوٽي جو بيج (جنهن کي ڏري دال طور ڪم آڻين) – تُوهَڙ.
• **تُوئِي ج تُوئِيُونْ (ث):** ث. پيلي رنگ جي سنهي ڪيڙي جي پٽي (جا پڙي جي گهير ۾ ڪم اچي).
• **تويا (ت):** ذ. ڪنڊي جا ڪَڇا ٽنگَر.
• **تَهَ ج تَهَ:** ذ. [فـ. تَهْ، تَهْ] تَر – تري. پردو. ورق (پني جو) – پرت. پوش – ڏڪ. پَڙ (زلي يا ڪپڙي جو). وراڪو (مٽيان). (ظرف) هيٺ.
– **تَهائِتو:** ذ. صفت. تهن وارو – پردن وارو.
– **تَه بَ تَه:** ظرف. پڙ مٽان پڙ – تهه مٽان تهه.
– **تَهِ حرامِي:** ذ. صفت. ٽري تائين شرير – ڏنگ – بدمعاش. بنهه بدڪار.
– **تَهِ ڪرڻ:** پڙ ڪرڻ. ويڙهڻ – لپيٽڻ.
– **تَهِ نشين:** صفت. ترونڊ.
– **تَهِ نشيني:** ث. ترونڊ جي حالت – آلٿي (پاڻي جي).
– **تَهِ و بالا ڪرڻ:** هيٺ مٿي ڪرڻ – اُلٽ پلٽ ڪرڻ. تباهه ڪرڻ – برباد ڪرڻ. ڌاهي ڇڏڻ.
– **تَهِ وهڻ:** قابو ڪرڻ (جيئن رليءَ جي بن پڙن جي وچ ۾ ڪپهه يا اڳڙيون قابو ڪجن).
• **تِهِ:** ضمير. [آڪاڻي سنڌي جو اُچار] تنهن "تِهِ مُنڊ متوالي ڪي، سنڌي ساءِ سُرڪ" (شاهه).
• **تُهِ:** ضمير. [آڪاڻي سنڌي جو اُچار] تُنهن.
• **تُهَ ج تُهَ:** ذ. [سن. تَشْ] اَنّ جي داڻي جي ڪل – تُوئَڙ – تُهَڙ (ت).
• **تُهار:** ظرف. تنهنجي آڏر – توهار. (ذ) اُٺ جارڻ وقت اوٽي جو آواز (ڪ).
• **تُهارِ ج تُهارُونْ (ل):** اُها ڍڳي جا قرڙاران ڪير ڏئي ۽ هٽ تي مرڻ.
• **ٿَهراءِ ج ٿَهراءَ ٿَهْراءُ:** ذ. [سن. سْثِر = بيهڻ] بيهڪ. ايستادگي. صُلح. برجاءَ – راضي نامو. تجويز – رٽ. فيصلو. قصد – اَرادو.
– **ٿَهراءِ پاس ڪرڻ:** تجويز يا رٽ بحال ڪرڻ.
• **ٿَهَرڻ:** مصدر. [سن. سْثِر = قائم] ترسڻ – بيهڻ. ساهي کڻڻ. آرام ڪرڻ. ٽِڪڻ. ماڻ ۾ رهڻ – صبر ڪرڻ – ڏيرج ڪرڻ. ماڻار اچڻ (پاڻي ۾). (ٿهرايو – ٿهريو – ٿهريل).
– **ٿَهَرَ:** ث. ماڻ – سانت – چُپ. ڊراڻي – آهستگي – ڏيرج – تحمّل. آرام – سُکون.
– **ٿَهَرائتو:** ذ. مِنڊو ـ ڏيرج وارو – صبر وارو – دور انديش.
– **ٿَهريل:** صفت. ترسيل. ٽڪيل. بيٺل (پاڻي وغيره) آٽريل.
• **ٿَهُرو ج ٿهرا:** ذ. صلح – ٻَڌي – ميلاپ – اتحاد.
– **ٿَهروپجڻ:** مصدر. صلح ٿوڙڻ – اتفاق چڏي ڏيڻ.
• **ٿَهِري ج ٿَهِريُون:** (ث): ث. ترسڻ جي جاءِ. منزل. اوتارو – ايڪو – ٻَڌي.
• **ٿَهْڻُ (ل):** ظرف. ڏسو "ٿهه ٿهه".
• **ٿَهْڪ:** ث. نار يا هَرلي جي ڊينگي کي ابتي ڦرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪاٺ – ويساهيُن (ل).
– **ٿهڪو ج ٿهڪا:** ذ. ٿهڪي ايندڙ – پڄي ايندڙ.
– **ٿَهڪو ڦُهڪو:** ذ. صفت. چالاڪ. خوش مزاج. خوش طبع – جرڪائي.
– **ٿَهڪي اُڇڻ:** پڄي اچڻ – ملي اچڻ – برابر ٿي اچڻ.
• **ٿَهڪو ج ٿَهڪا:** ذ. ڪن شين جي ٽڪرجڻ جو آواز – ٽڪاءُ.
• **ٿَهْڪو ڦُهْڪو:** ذ. جرجو پوڳ – ڪل مسخري.
• **ٿهندو:** ظرف. جڳائيندو – موزون. وٽندڙ. مناسب. وس آهر. شانائتو.
• **ٿهندي:** صفت. ٿهيل. رهائيندي (شرع موجب) (ث) ٿهيل ڪمر. سُهائيندي ريت سهٽي ڳالهه.
• **ٿَهْنڪار (ث):** ث. چوپائي مال جي ڪَنگهه.
• **ٿَهْنڪو ج ٿَهْنڪا (ت):** ذ. ٽورڙو ڏڪ. ڏسو "ٽونگو".
• **ٿَهو ج ٿَها:** ذ. ڪوهه. ڪوٽ يا ڪاٽي ڪٽ ۾ ڪوڙ جي چٽن پنجن

لبن جيتري کديل متي، جو انداز (ل). گهمرو – پيرو – وارو (ڪ).

• **ٺهرُ**: ث. بناوٽ. ٺهت.

• **ٺهرڻ (ل)**: مصدر. ڏوهڻ – روڪڻ.

• **ٽشُهَرُ ج ٽشُهَرَ (ڪ)**: ذ. ٻن ڏندن جو ٽڪر.

• **ٽيُهَرُ ج ٽيهَرَ**: ذ. ننڍو ٽانءُ (ل). ٻڪرِ دلي جو اڌ ٽڪر (ث).

• **ٽيهڪُ ج ٽيهڪَ (ل)**: ذ. سُٽڻ جو ورُ – گهُنج – ٽمرَ.

• **ٽيتَ ج ٽيٽَنُ**: ث. مقرر جاءِ ـ ٽِٽ. ترسڻ جي جاءِ. آستانو – ٽڪاڻو. پاٽاري. بجاءِ – حفاظت جا ج – چڪاس.

• **ٽيٽ**: اسم خاص. تعلقي واري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽيٽ**: صفت. [هندي] خالص – نيڃ – اصل. سخت خشڪ. آخر – پڇاڙي (ث).

• **ٽيلو ج ٽيلا**: ذ. رس پريل ميوو. پورو ڪانه مڃي، جو هڪ قسم (ويڪرو منهن. ٽلهي ڏَڙِ ۽ نِڃ سنهون).

• **ٽيلي (ث)**: ث. اڏوهي لڳل ڪائي. اڏوهي لڳل ڪائي، جي مٽي.

• **ٽيٽ (ڪ)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٽيپ**: ث. مٽائي، جو هڪ قسم – ٽلي ٻڌي. (بيماري، جي واڌاري ۽) گهنتائي – ٽاڙ. ڏڪ – مار – جوٽ.

• **ٽيپ ج ٽيپ (ڪ)**: ذ. ٽڪر (گهيتي جو). ڦيرو – گهمرو – پيرو.

• **ٽيپوڪ ج ٽيپوڪ (ڪ)**: ذ. صفت. مار ڪائڻ ڪان پوءِ، به ڪم نه ڪندڙ – ڪڏو – نڪمو – ضدي.

• **ٽيري ٽيرُنُ**: ث. جڏو. بلور. ڳوڙهي.

• **ٽيڙ ج ٽيڙا (ث)**: ذ. ڳنڍو (مٽي، وغيره جو) – ڳوڙهو. (ث) ٽيڙي ج ٽيڙيُونُ.

• **ٽيڙهي**: اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو. سيوهڻ تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ٽيڙهي ڪارڪ**: ث. "ٽيڙهيءَ" ۾ ٽيندڙ ڪارڪن جو هڪ قسم – گرم پاڻيءَ ۾ ڪپڙ ڪاڙڻ – ڇهارو.

• **ٽيڙهي ج ٽيڙهيُونُ**: ث. پٿر جي ننڍي گولي – ٽيٽي. بلور – جڏو. ڪتل جي سخت ڳڙي – وڏائي – آڪڙ – سيٽ – ٽيڙي.

– **ٽيڙهي ٽيڻ (ث)**: سُسي سوڙهو ٽيڻ. بيمار ٽيڻ. ڪنهن تڪليف ۾ اڇڻ.

• **ٽيڪ (ث)**: ث. ٽورو ڏڪ.

• **ٽيڪُ**: ث. آڪڙ – سيٽ – وڏائي – ٽيڪ – ٽيڪڙ.

• **ٽيڪو (ڪ)**: ذ. ٽورو ڏڪ – ٽونڪو.

• **ٽيڪُ**: صفت. [سن. ٺِكَ ≈ ٺهَڪُ] صحيح – درست. پورو – برابر. ڪپ. تيار. جوڳو – مناسب. سهائيندو.

– **ٽيڪ ناڪ**: صفت. هر طرح درست. ٺهيل ٺڪيل.

• **ٽيڪراڻو**: ذ. ٽڪر جي پڳل ٽاڻوَن جا ٽڪر – ٽڪراڻو. ٽڪراتي واري ايراضي. پراڻو تنل (جتي عموماً پڳل ٽاڻوَن جا ٽڪر پکڙيل هوندا آهن). تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽيڪري**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٽيڪري ج ٽيڪريُ**: ذ. صفت. ٽڪر جا ٽاڻوَ وڪٽندڙ. جو ٽانءُ (دلو) ڪٽي ٻندڙ (فقير).

• **ٽيڪلو (ث)**: ذ. وبائل رڳ. ٻڪري. گانءِ يا مينهن. ٻهرين ڏينهن وارو. ڪڙهيل ڪيرُ – پسُ – ڪرُ.

• **ٽيڪو ج ٽيڪا**: ذ. ڏُڪڙ يا پکواز جي تار ۾ گٺ جي پکائي.

• **ٽيڪو ج ٽيڪا**: ذ. ٻول جو ڪم – اجارو – مُقاطعو.

– **ٽيڪيدارُ ج ٽيڪيدارَ**: ذ. صفت. مقاطع دار – اجاره دار – ٻول جو ڪم ڪندڙ. ٽيڪا ڪندڙ.

– **ٽيڪيداري ج ٽيڪيداريُونُ**: ث. ٻول جو ڪم – مقاطعو – ٽيڪو. اجاري داري. وَڻڪڙي – ونگ. بيل گاڏي، جي چاڪ ۾ ارن کي جهلندڙ گول ڪائي.

• **ٽيڪر، ٽيڪر**: ث. وڏائي – آڪڙ – سيٽ – ٽيڪڙ.

– **ٽيڪر لاهڻ**: سيٽ پچڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **ٽيڪرجڻ**: فعل مجهول. مغروريءَ ۾ پرچي وڃڻ – آڪڙجڻ – ٽيڪرجڻ (ٽيڪرڻ – ٽيڪرڻ – ٽيڪريل.

• **ٽيلهَڻُ**: مصدر. ٽيلها ڏيڻ – ڏڪي اڳتي ڪرڻ – ٽيلهڻ – ريڙهڻ – ڏڪڻ – اڳتي هلائڻ. سيرڻ – چورڻ. هنائڻ – ٻري ڪرڻ. لوڏڻ. (ماڻهوءَ ڪي). (ٽيلهيو – ٽيلهيندو – ٽيلهيل).

– **ٽيلهَ**: ث. ٽيلهڻ جي حالت – ڏڪ – ريڙهَ.

– **ٽيلهائڻ**: مصدر. 'ٽيلهڻ' مان متعدي بالواسطه. ٽيلهائڻ. لوڏائڻ.

– **ٽيلهه ٽيلهانُ**: ث. ڏڪ ڏڪان – ٽيلهه ٽيلهان.

– **ٽيلهجڻ**: مصدر. 'ٽيلهڻ' مان فعل مجهول. ٽيلهجڻ. ڏڪجڻ – لوڏجڻ.

– **ٽيلهو ج ٽيلها**: ذ. ڏڪو – ٽيلهو. صدمو. نقصان. ريل جي پٽي تي هلندڙ ننڍو گاڏو (جنهن کي ماڻهو ڏڪا ڏئي هلائن).

– **ٽيلهو ڏيڻ**: ٽيلهو ڏيڻ. ڏڪو ڏيڻ. نقصان رسائڻ.

– **ٽيلهي مارڻ**: دربدر ڪرڻ – رُلائي مارڻ. اٽڪل سان ڏڪ ڏيڻ. جالاکي سان نقصان رسائڻ.

• **ٽيڻ (ث)**: ذ. صفت. وڏو ماڻهو.

• **ٽينڊر (ث)**: ذ. پراڻي پڳل شيءِ.

• **ٹينهارُ ج ٹينْهارَ:** ذ. پگڙ.

• **ٹينْهر ج ٹينهرَوْن (ل):** ث. ٿونو – ڏيهه – ڏيهڙ.

• **ٹينْڌو ج ٹينْڌا:** ذ. ڏاندي يڪيءَ جو هڪ قسم (رنگ آڇو. نندڙو. تنگرن ڏگهيون. ٽينٽي جي قسم جو).

• **ٹينْڌا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٹينْڌو ج ٹينْڌا:** ذ. ٽُنگ – سوراخ (ٽڪر يا ڏاتوءَ جي ٽاڻءَ ڪي). پڳل ٽاڻءَ جو سوراخ. سانگهيڙو.

– **ٹينْڌرَ ج ٹينْڌر:** ذ. صفت. تنگ وارو – سوراخ دار. (ٽاڻ).

– **ٹينْڌڙي ج ٹينْڌيَوْن:** ث. مٽ. دلي يا ٽاڻءَ ۾ ٿنڀڙو سوراخ – سانگهيڙي.

– **ٹينْڌي ڪري وهڻ:** لاءِ ڪري وهڻ (رت. پاڻي وغيره) – ڏارَ وانگر وهڻ (پڳل ٽاڻ).

• **ٹينْڪَ ج ٹينڪَ (ت):** ذ. ٹينگ.

• **ٹينْڪلو (ت):** ذ. پهرئين ڏينهن جو پسَ يا ڪَڙ (جو گهاٽو ٿئي ۽ ڪاڙهڻ سان ٽِڪي ٿئي) – ٽيڪلو.

• **ٹَينْڪي ج ٹَينْڪيَوْن:** ث. ڏسو "ٽيڪي".

• **ٹينْگَ ج ٹينْگوڻ (ڪ):** ث. ٹينڊي. سيڙهه گوهو. ڏار (پيشاب جي).

• **ٹينْگَ ج ٹينگ:** ذ. ٽيو – ٻَڌ – چال.

– **ٹينگَ ٽپا ڏيڻ:** نچڻ ڪُڌڻ (خوشيءَ کان). خوشيون ڪرڻ – تپا ڏيڻ.

– **ٹينْگَ ٽپي ٽي گذارڻ:** مشاڪري ريت ڪر ڪرڻ – دل سان پورهيو نه ڪرڻ – معمولي پورهيو ڪرڻ.

• **ٹينگڙدي، ٹينگڙي مڙدي:** ث. بهادري – همت – جرائت – دليري. بيباڪي. خودداري. اجائي آکڙ – اجائي وڌائي. ٽَلهو ٻَرُ. ٽلهو ضد.

– **ٹينْگڙو:** ذ. صفت. ٽپ ڏيندڙ. نچندڙ – ناچو.

– **ٹينگڙو ج ٹينگڙو:** ذ. صفت. ٹينگ ڏيندڙ. سُک ڪري نه وهندڙ. چالاڪ. هلڪو – ترڙو. خوش طبع.

• **ٹينگا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٹينگڙا:** اسم خاص. مُهاڻن جو هڪ پاڙو.

• **ٹينْگيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٹينْهون ج ٹينْهَان:** ذ. پڳل ٽِڪر (ت) – پڳل ٿلهه (ت).

• **ٹيْهَ (ل):** ظرف. پريل – تارُ. وڏو (الج).

• **ٹيْهو ج ٹيْهَا:** ذ. رازڪي ڪم جي اصطلاح ۾ فرش يا ڇت جي راڳي وقت سنوت وٺڻ لاءِ ٺاهيل ننڍي ڏڙي (اهڙن ٻاسن ۽ وچ ۾ گهٽيون ڏيڻون ٺاهي پوءِ راڳو ڪن). وچهه – موقعو. آستان – ٽڪاڻو. ٽانگي ۾ سرائي ۽ ڪمان جي وچ ۾ ڪاٺ جو ٽڪر (جنهن ۾ سرائي وڇهجي).

• **ٹيهو ناهڻ:** آستانو ناهڻ – ٽڪاڻو ناهڻ. وچهه وسيلو ناهڻ – حيلو پيدا ڪرڻ. رهن يا روزگار جو بلو ڪرڻ.

ث

ثـ، ثه [ع. ف] عربي "الف – بي" جو چوٿون اکر. فارسيءَ "الف – بي" جو پنجون اکر. ۽ سنڌي "الف – بي" جو نائون اکر – ابجد موجب عدد (۵۰۰).

- **ثابه:** ظرف [ع. ثَابَ – بدلو ڏيڻ] قبول – منظور. عموماً "پوڻ" يا "ٽيڻ" سان گڏ اصطلاح طور ڪم ايندڙ لفظ.
- **ثاب پوڻ:** قبول پوڻ. منظور ٽيڻ (ڪم). ثواب جي لائق ٽيڻ.
- **ثابت:** صفت. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] برقرار – محڪم – مضبوط. صحيح – سلامت. سجو – سارو – پورو.
- **– ثابت ٽيڻ:** مضبوط ٽيڻ. سجو ٽيڻ – ثبوت ملي وڃڻ. تصديق ملي وڃڻ. پڪو ٽيڻ (دليل. الزام. ڏوهه).
- **ثابت قدم:** ذ. صفت. هڪ ڳالهه تي ٻيهندڙ. ارادي جو پڪو – مستقل مزاج. مضبوط.
- **ثابت قَدَمي:** ث. مضبوطي – ٻيهڪ – استقلال.
- **ثابت ڪرڻ:** سجو ڪرڻ. تصديق ڪرڻ. دليل سان ظاهر ڪرڻ. چٽو ڪرڻ (الزام).
- **ثابتي ج ثابتيُون:** ث. مضبوطي. پختگي (الزام يا دليل جي). تصديق. گواهي – شاهدي – ساک. نشان – اهجاڻ. سڃاڻ. پڪي نشاني.
- **ثبُوت:** صفت. "ثابت". [ثابت مان ٻڌل لفظ] "سندرو ثابوت. منزل آسان" (جوٿي).
- **ثاقِب ج ثواقِب:** صفت. [ع. ثَقَب = چمڪيو] چمڪندڙ – روشن – مُنَوَّر (تارو).
- **ثَلاَب:** ث. [ع. ثَعْلَب] دوا طور ڪم ايندڙ. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو. (مصر ۾ گھ ي ٿئي ان کي ڪي 'ثعلب مصري' چئبو آهي).
- **ثالِث:** عدد قطاري يا شماري [ع] تيون. تياڪر – امين. وچوٿو.
- **ثالِث – بِالْخَيْر:** ذ. ٻي ريا امين – فيصلي ۾ رعايت ڏيندڙ امين. ٻنهي ڌرين جو خير چاهيندڙ تياڪر.
- **ثالِث حَصْرِيْ:** ذ. اهو امين جنهن تي ٻنهي ڌرين جو پروسو هجي ۽ ان جي فيصلي تي مقدمي جو مدار هجي.
- **ثالِث نامو:** ذ. اهو ڪاغذ جنهن موجب لِکَتِ ۾ ٻنهي ڌرين کنهن کي امين ڪرڻ جو اقرار ڪيو هجي.
- **ثالِثي:** ث. ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي جي تياڪرائي – اَمانت تياڪرائي. صلح.
- **ثامِن:** [ع. ثَمَانِيَة – اَنْ] اٺون.
- **ثانَوِي:** صفت. [ع. ثَنِي = ٻيٽو ڪيائين. ور ڏنائين] ٻيو ۔ ٻئي درجي وارو – اول در جي کان گهٽ حيثيت وارو. (ڏ) ٻيو ڏاڪو – ابتدائي ڏاڪي کان ٻيو مڙيون ڏاڪو. ٻيو نمبر حيثيت.
- **ثَانَوِي تَعْلِيم:** ث. ٻئي نمبر جي تعليم – موجوده تعليم نظام موجب ۔ هاءِ اسڪول جي تعليم.
- **ثَاني:** صفت. [ع. ثَني – ٻيٽو ڪرڻ] ٻيو. جوڙو – مثل. همسر – مقابل – جوڙ – مٽ.
- **ثَانِياً:** ظرف ٻئي دفعي – ٻيو ڀ – ٻي صورت ۾.
- **ثاني شريک:** صفت. جوڙ جيڙ. برابري وارو (حيثيت ۾) شادي غمي ۾ شريڪ ٿيندڙ.
- **ثَاني لو:** اسم خاص. تعلقي اوباڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ثائِيَ:** ذ. [ع] سيڪنڊ – دَقِيقو – لَحظو. پَلُ – ڪَنِ پَلَڪَ – اک چنپ.
- **ثَبات:** ذ. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] پائداري – جناءَ – مضبوطي – قرار – ٻيهڪ.
- **ثَباتَ راه:** ث. پڪي راهه. پڪو ارادو.
- **ثَبْت:** صفت [ع. ثَبَت = پڪو ٽيڻ] قائم. لکيل. پڪو پختو – مهر ٿيل. نقش ٿيل.
- **ثَبْت ڪرڻ:** هڻڻ (مُهر). نقش ڪرڻ. قائم ڪرڻ (يادگار).
- **ثُبُوتُ ج ثُبُوتَ:** ذ. [ع. ثابت جو جمع] قيام – پائداري. هميشگي. مقروي. ثابتي. نشان. شاهدي – گواهي. دليل.
- **ثُبُوت اِسْتِحْقاق:** ذ. حقدار هجڻ جو ثبوت. پنهنجي حق جي ثابتي.
- **ثُبُوتُ ضِمْنِيْ:** ذ. ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اشاري يا ڪنايه طور پيش ڪيل ثابتي (دليل شاهدي يا نشاني).
- **ثُبُوت لِسانِيْ:** ذ. زباني ثابتي. شاهدي.
- **ثبوتي:** ذ. [ع] ثابت. قائم – پڪو پختو دليل.
- **ثَرْوَتَ:** ث. [ع. ثَرآ = دولت وڏڻ] مال جي گھڻائي. دولت. تونگري – شاهوڪاري – آسودگي.
- **ثَرِيٰ:** ث. [ع] زمين جي هيٺان واري مٽي. آلي مٽي. آلاڻ. هڪ نڪت جو نالو.
- **ثُرَيّا:** ث. [ع] ڪتينوُن (تارن جو مشهور ميڙ تمام اوچي منزل.
- **ثُرَيّا جاهُ:** ذ. صفت. بلند مرتبي وارو – عالي مرتبه. وڏي شان

شوکت وارو.

- **ثُعْبانُ**: ذ. [ع] تمام وڏو ۽ ٽلهو نانگ -- ازدها.
- **ثَعْلَبُ، ثَعْلَب**: ث. [ع] لومڙي، پساركي وکر جو هڪ قسم. (هن قسمن جو ٽئي: ثَعْلَبِ پنجو، ثَعلب مصري).
- **ثِقَالُ**: ث. [ع. ثَقْل = گرو ٽيڻ] ٽلهي عورت.
- **ثَقالَتُ**: ث. [ع] گرانڊ -- گُورائي -- بار، خمار، بدهضمي.
- **ثِقْل**: ث. [ع] گورانڊ -- کشش ثقل (زمين جي مرڪز جي ڇڪ).
- **ثَقْلُ**: ذ. [ع] بار، وزن، گورانڊ.
- **ثَقَلان، ثَقَلَيْن**: ذ. [ع] ٻه گروه (وڏي گُهري جمعيت وارا، يعني جنّ ۽ انسان) -- ٻه گُهريون شيون.
- **ثِقَہ**: ذ. صفت. [ع. وَثِقَ = اعتماد هڻڻ] معتبر -- پروسي جهڙو -- اعتماد رکڻ جهڙو -- جنهن تي پورو پروسو ڪجي.
- **ثِقَہ بَطْحماش**: ذ. صفت. پرهيزگارن جي شڪل ٻڌائي بدمعاشي ڪندڙ -- ويساه ڏيئي ڪم ڪندڙ.
- **ثَقِيلُ**: ذ. صفت. [ع. ثَقُلَ -- هو وزني ٽيو] گُورو -- وزندار.
- **ثَلاثُ**: صفت. [ع. ثَلَثَ = تيون ٽيڻ] تي (۳).
- **ثُلاثي**: صفت. [ع] علم نحو جي اصطلاح ۾ تن اصلي اکرن وارو لفظ (جهڙوڪ هوش، طرز، جلد وغيره).
- **ثُلُثُ**: ذ. صفت. [ع] تيون حصو.
- **ثُمَّ**: ظرف. [ع] پوء ـ وري -- پوءِ وري.
- **ثَمَرُ**: ذ. [غ] ميوو -- ڦَلُ -- ڦَرُ -- پيداوار -- حاصلات، نتيجو، عوض.
- **ثَمَرْدارُ**: ذ. صفت. ميوه دار (وڻ). ڦلدار.
- **ثَمَرسازُ ڪرڻ**: سامان سَرو سنيالي ڪڍڻ.
- **ثَمَرُہ**: ذ. ڦَلُ. نتيجو -- انجام -- پڇاڙي.
- **ثَمَنُ**: ذ. [ع. ثَمُنَ = قيمتي ٽيڻ] قيمت -- مُلهه -- آگهه.
- **ثَمُودُ**: اسم خاص. [ع] حضرت نوح عليہ السلام جي نسل مان چوٿين پيڑهي ۾ هڪ ماڻهوءِ جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو جنهن تي حضرت صالح عليہ السلام کي نبي ڪري موڪليو ويو پر انهن ماڻهن سندس معجزي واري ڏاڄيءِ جون ڪُنجون وڍي ڇڏيون ۽ مٿن عذاب نازل ٿيو.
- **ثَمِيْن**: صفت. [ع] قيمت -- مهانگو.

- **ثَنا ج ثَناؤنْ**: ث. [ع. آثَنِي -- اِن ثنا ڪئي] تعريف -- واکاڻ -- مدح -- ساراهه.
- **ثَناخوانُ**: ذ. صفت. ع. تن + فدا خوان] تعريف ڪندڙ -- مدح خوان -- ساراهيندڙ.
- **ثَناخوانِي**: ث. واکاڻ ۾ ڪجهه جوڙڻ -- تعريف ڪرڻ.
- **ثَناگَرُ، ثَناگو**: ذ. صفت [ع. ثنا + ف. گر. گر] ثناخوان -- ساراهه ڪندڙ، مداحون پڙهندڙ -- گهٽي تعريف ڪرڻ وارو.
- **ثَنائِي**: صفت. [ع] ثنا ڪندڙ -- تعريف ڪندڙ.
- **ثنائي**: اسم خاص. لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ "مولوي ثناء الله" جو تخلص.
- **ثُنائِيْ**: ذ. [ع. ثَني = ٻيڻو ڪرڻ] علم نحو جي اصطلاح ۾ ٻن بنيادي اکرن وارو لفظ (يد، در، من، دل وغيره).
- **ثَوابُ ج ثَواب**: ذ. [ع. ثابَ = بدلو ڏيڻ] چڱو ڪم. نيڪي -- چڱائي، بدلو -- اَجر -- عوض -- جزا. الله پاڪ وٽان ملندڙ چڱي ڪم جو بدلو.
- **ثَوابُ ڪَمانڊ**: نيڪ ڪم ڪرڻ، چڱي ڪم ڪرڻ سان ڪو اجورو حاصل ڪرڻ، محتاج جي حاج پوري ڪرڻ.
- **ثَوّابُ**: ذ. صفت. [ع. ثَوْبُ = ڪپڙو] ڪپڙو وڪڻندڙ -- پزازي.
- **ثَوابِتُ**: ذ. ["ثابت" جو جمع. ع. ثَبَتَ = هڪ جاءِ تي رهڻ] غير متحرڪ تارا -- ڪَنڊل تارا -- (جيڪي گردش ڪندي به هڪ هنڌ ڪنڌ بينا آهن).
- **ثَوابُ**: ذ. [ع] ڪپڙو -- لباس.
- **ثَوْرُ**: ذ. [ع] ڏاڙهو. هڪ بُرج جو نالو. (اسم خاص) مڪي شريف جي ويجهو هڪ جبل جو نالو.
- **ثَورُ**: اسم خاص. [ع] حضرت سفيان ثوري جي قبيلي جي وڏي سردار جو نالو. ٿُلهن جي پاڙ ۾ گڏ ٽيل مِٽي. (صفت). احمق -- نادان.
- **ثُومَرُ**: ث. [ع] ثُومَرَ.
- **ثَيِّبَہ**: ث. [ع. ثَيِّبَةٌ -- مڙس کان جدا ٽيل] مڙس کان جدا ٽيل عورت (طلاق يا مڙس جي موت سبب). رن زال.

پ

پ: ث. [سن. ف]سنڌي "الف – بي" جو ڏهون ۽ فارسي جو ٽيون اکر. ابجد موجب ان جو عدد "ب" جي برابر (۲). هي اکر فارسي ۾ "ب" ۽ "ف" سان تبديل ٿئي "پادشاه > بادشاه. پيل > فيل. سپيد > سفيد".

• **پِ:** حرف جملو. بِ – پِئي. پَڙ.

• **پا:** ذ. [ف. پاء (ي) جو مخفف] پير.

– **پا اُفتاد:** صفت. [ف. پا + اُفتاد] مصيبت ۾ ڦاٿل. بيوس – لاچار – عاجز.

– **پا اَنْدَاز:** ذ. [ف. پا + انداز] قيش وغيره مان ٺهيل بَوجري ٽپڙي (جيڪا دروازي تي پيرن صاف ڪرڻ لاءِ رکيل هجي يا گاڏيءَ ۾ پيرن رکڻ واري جاءِ تي رکجي).

– **پا بَجولان:** ظرف. [ف. پا + بـ + جولان] پيرن ۾ ڊل. (قيدي) پير ڪڙين پيل (قيدي). گرفتار.

– **پا بَرکاب، پا در رکاب:** ظرف. [ف. پا + بـ + رکاب] پير رکاب ۾ – گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ تيار – وڃڻ لاءِ تيار – رواني ٿيڻ وارو.

– **پا بَرهَنَه:** ظرف. [ف. پا + برهنه] پيرين اُگهاڙو.

– **پا بَه زَنْجِيْر:** ظرف. [ف. پا + بـ + زنجير] پيرن ۾ زنجير پيل – قيد ٿيل – قابو – گرفتار.

– **پا بِگِل:** ظرف. [ف. پا + بـ + گِل] پير گپ ۾ گَنل – جڪڙ ۾ ڦاٿل – جَرڻ کان رد – لاچار – بيوس.

– **پابَنْد:** صفت. [ف. پا + بند] پيرن ۾ ڊل – گرفتار – قيد – مجبور – محکوم. نوکر. (ذ) ڪنهن جانور کي پيرن ۾ وڇي ٻڌڻ لاءِ زنجير.

– **پابَنْد ٿيڻ:** ڊل ٿيڻ (انجام موجب). ٻڌل رهڻ (نوڪري يا ڪنهن عمل جو)

– **پابَنْد هُجڻ:** ٻڌل هُجڻ (فرض ادائي لاءِ) – مجبور هُجڻ (حڪم يا عادت سبب) – پورو يا قائم هُجڻ (وقت يا نوڪريءَ جو).

– **پابَنْدِيُ ج پابَنْدِيُون:** ث. [ف. پا + بندي] ٻڌل رهڻ جي حالت. بندش. فرمانبرداري – اطاعت. ٻانهپ – غُلاميُ. نوڪري. مجبوري – لاچاري.

– **پابوس:** ذ. صفت. [ف. پا + بوس] پير چُمندڙ. فرمانبردار.

– **پابوسي:** ث. پيرن چمڻ جي حالت – قدمبوسي. وڏن جي ملاقات. تعظيم.

– **پاپوش:** [ف. پا + پوش] پيرن کي ڍڪيندڙ. [ث] جُتي – پيزار.

– **پا پيادَهْ:** ظرف. [ف. پا + پياده] پيرين پنڌ – سواريءَ کان سواءِ.

– **پازيبَ ج پازيبَه:** ذ. [ف. پا + زيب] پيرن ۾ پائڻ جو هڪ گِهڻ.

– **پا شِڪَسْتَه:** صفت. [ف. پا+ شکسته] پيرن پڳل. هلڻ کان لاچار. معذور – هيٺو – ضعيف.

– **پاشُوئي پاشوءِ:** ذ. [ف. پا + شويدن] پير ڌوئڻ. طب جي اصطلاح ۾ باٿيءَ سان پريل ڪوٽرَ ۾ پير وجهي ويهڻ.

– **پاشُوئِڻ ڪرڻ:** پير ڌوئڻ. باٿيءَ ۾ ڪجهه وقت پير وجهي ويهڻ.

– **پاکوبِيْ:** ث. [ف. پا + کوفتن] پيرن سان مار – ڏڍا – پيرَ ڪُٽڻ.

– **پامال:** صفت. [ف. پا + مالیدن] لتاڙيل. زيون. برباد. ڏسو "پائمال".

– **پايان:** صفت. [ف. پا + يافتن] پيرَ هوڙ – تانگهو (باٿي).

• **پاڀُڻِي:** اسر خاص. ديري محبت (ماتلي) ۽ ڏِگهڙي تعلقن ۾ ديڻ جو نالو.

• **پاڀو:** ذ. سُرمون "پاڻ آيو پرين پاڀو پائي" (اميد علي شاهه).

• **پاڀو ج پاڀا (ث):** ذ. واڇو – باڇو.

• **پاڀورو:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاڀُوري:** اسر خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاڀوڙو ج پاڀوڙا:** ذ. [سن. پَدْم] پيڙ وَل جو وڏو پن. پيڙ ول جو قَرُ. اک جو پَنُ. اک جو انبَ – اکنڙو. ڪانياٽيءَ جو پَبُ (جنهن ۾ گوڙهو رکجي).

– **پاڀوڙي ج پاڀوڙيُون (ل):** ث. پيڙ جو ٻج – پيڙي – ڏوڏو.

• **پاڀوهِڻُ، پاڀُوهَڻْ:** مصدر. [سن. پُرُشَوْنُ] مُرڪڻ – مُشڪڻ – ٽڙڻ – خوش ٿيڻ – پيار ڪرڻ. اُڪير ٿيڻ. (پاڀوهيو – پاڀوهيندو – پاڀوهيل). "پاڀوهڻ پرين لڳا، ڪر ڪنڌهار ڪوياَ" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

– **پاڀوهڙ، پاڀُوهَڙ:** ث. مُرڪ – مُشڪ – پيار. سِڪ – اُڪير – اُتساهه. رفتار. "آولِيِ ۽ جانولِيُ آ پرين، جي پاڀوهڙ" (جلال).

– **پاڀوهَڙُ:** مصدر. 'پاڀوهڙ' مان فعل مجهول. کِلڻ. ٽڙڻ.

– **پاڀوهَڙ ڏيڻ:** پيار ڏيڻ.

– **پاڀوهِڙِ ج پاڀوهِڙيُون (ل):** ث. پيار. سِڪ – اُڪير. سڪايل عورت.

• **پاڀهِه:** ث. سجرائي – تازگي – تازائي. نرمي – ڪوملتا. نفاست – نزاکت. ڪُنين قَتَلُ ساوڪ

• **پاپِي ج پاپِيُون:** ث. ونگي جو هڪ قسم – ونگي – بادرنگ. (ف) دوا طور استعمال ٿيندڙ هڪ قسم جو ٻج.

• **پاپهِيو ج پاپِيا:** ذ. [سن. وِپِيَهَ] پکيءَ جو هڪ قسم (ث) – تارو. (صفت) سُهڻو – حَسين (ت).

• **پاپي ج پاپي (ث)**: ذ. صفت. بهادر – دلير. لائق. چالاڪ – هوشيار. مڪيه ماڻهو – وڏو ماڻهو. سخي.

• **پات ج پاتيُون**: ٿ. [سن. پاتَ] پَٽ – پک – پنٿ – فرقو. اها جماعت جيڪا ڪنهن مرشد جي پيروي ڪري. هي لفظ اڪثر "ذات" سان گڏ ڪم ۾ اچي "ذات پات".

• **پاتُ ج پاتَه**: ذ. [سن. پَتْرَ] پَنُ – پَتو. وڻ جو پَنُ (جنهن مان دونا يا پاتلون ٺهن). پاتل. ڪجيءِ جي ڏاڙهن مان ٺهيل ڇپو (ڪجور وڇوٽ لاءِ) – پِنڊو.

• **پاتا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽ ڏيجيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاتارَ**: ذ. [سن. پاتالَ] زمين جو هيٺاهون طبقو – درياءَ يا سمنڊ جو ترو. ٿرَ. اونهون پاڻي. اوڙاهَ – عُمق. (صفت) اونهون – عميق – اَٿاهَ.

– **پاتاريانْ، پاتاريانْ**: ظرف. پاتار ڪان. درياه ڪان. "تون پاتارڻان پاندي. اسان پنڌ برين ڏي" (شاهه).

– **پاتاري**: ذ. صفت. پاتار وارو. بنيادي – مضبوط.

– **پاتاريو ج پاتاريا**: ذ. صفت. پاتار وارو. (ذ) ٿر جو اهو ڪوهه جنهن جو ٿرَ جَرَ سان ملي هجي – اَڇاهڻ پاڻي وارو ڪوهه (ريجاڻون جو ضد).

• **پاتاري ج پاتاريُون**: ٿ. [سن. پَتِڪا = تختي] پيڙي. هاڪارڙ ۾ ڪم ايندڙ هڪ تختو (جهڪيل پاسي کي مٿي ڪرڻ لاءِ مخالف پاسي تختو رکي ان تي ملاح ويهي پيڙيءِ کي سنوٽ ۾ آڻي).

• **پاتاريا (ث)**: اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات.

• **پاتاريو ج پاتاريا**: ذ. ٿوٿي – گريو.

• **پاتالَ**: ذ. [سن. پاتال پتْ] زمين جو هيٺيون طبقو – پاتارَ (هندن جي عقيدي موجب زمين جا ست طبقا آهن: ۱. اَتَل. ۲. وِتَل. ۳. سُتَل. ۴. تَلاتَل. ۵. مَهاتَل. ۶. رَسَاتَل. آخرين طبقي ۾ نانگ رهن ٿا.) تحت الثريٰ. نرڳ – جهنم. درياه يا سمنڊ جو ترو. (صفت) اونهو – عميق – اوڙاه. ڏسو "پاتار".

– **پاتال ديش**: ذ. هيٺاهون مُلڪ – امريڪا.

• **پاتائي پاتاهر ج پاتاوا، پاتاها**: ذ. جُتيءِ جي اندران تري ۾ پَراڻ لاءِ وڌل چمڙي جو ٽڪر.

• **پاتَرَ ج پاڻرون (ث)**: ث. [سن. پاتْر] ٺڪر جي پاڻ ٿانءُ. لوٽو.

– **پاتَر پيٽي**: ث. صفت. سنهي چيلهه واري – سنهي (عورت).

• **پاتِرُ ج پاتِرَ**: صفت. [سن. پاتْر] لائق – موزون – قابل (ماڻهو). بورو – ٺيڪ – برابر – صحيح. پورڙو.

• **پاتِرجَهُ**: فعل مجهول [سن. پاتْر] پلجڻ – جُڳ ڪرڻ.

• **پاتِرڻُ (ث)**: ث. صفت. رندي – وٽيشا.

• **پاتِرو ج پاتِرا (ث)**: ذ. صفت. [سن. پاتْر] ويڪرو – ٽانگهڙو – تراڪڙو (ٿانءُ. ميدان). ٻالو پولو – پورڙو (ت). (ث. پاتِريُ ج پاتِريُون).

• **پاتِريُ ج پاتِريُونْ (ث)**: ث. [سن. پاتْر] پات. پتل جي (هندي).

• **پاتِشاهُ ج پاتِشاهَ**: ذ. [ف] بادشاهه.

– **پاتِشاهي ج پاتِشاهيُونْ**: ث. بادشاهي.

• **پاڏَ ج پاڏڪُ**: ذ. [سن. پاتَكُ] نقصان يا تنزل جو سبب. گناهه – پاپ – خطا – ڏوهه. جڪ – ٻل – غلطي – سَهُو. پليدي – ناپاڪي. ويڑ جي گندگي. فوتيءِ جو چوپ.

– **پاڏِڪُ ج پاڏِڪي**: ذ. صفت. گنهگار – پاپي – بدڪار. گندگي هاڻو. گندو – پليت.

• **پاڏَلَ ج پاڏَلُونْ**: ٿ. [سن. پَتْرَ = پَنُ] وڻ جا ٻه تي پَن گڏي ناهيل ٻڙڇ يا ٽالهي (جنهن تي هندو کاڌو رکي کائيندا).

• **پاڻَنْجَل**: [سن] هڪ مشهور هندو فيلسوف جو يوگ تي لکيل ڪتاب.

– **پاڻَنْجَلي**: اسم خاص. [سن] "پاتنجل" جو مصنف.

• **پاڏِي ج پاڏِلي**: ذ. صفت. پٿن وارو – پٿن اَڪاريندڙ ٻيڙي وارو (هڪ ڪب تان ڪٿي ٻئي ڪب تي ڇڏي). پار اَڪاريندڙ (درياءَ وغيره مان). (ذ) قبرستان ۾ رهندڙ ۽ هر فوتيءِ جي جنازي نماز پڙهندڙ فقير. ميّت کي دفن ڪرڻ تائين قبرستان ۾ رهندڙ.

• **پاڻر ج پاڻا (ت)**: ذ. ڏسو "پاڻائو".

• **پاڻُ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاڻُوجا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاڻِي ج پاڻِيُون (ث)**: ٿ. [س. پٽْري] چلي – خط. پٽي – قرهي.

• **پاڻيا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **پاڻاريءِ تي وڃڻ (ت)**: زال سان همبستر ٿيڻ.

– **پاڻاري خالي نه هڻڻ**: ڪتب مان ڪنهن نه ڪنهن ۾ مٿيا هڻڻ – وڏن جي قابليت وارو گُڻ هڻڻ. وارثي واري لياقت هڻڻ.

– **پاڻاريدارُ ج پاڻاريدارَ**: ذ. صفت. پاڻاري وارو. نام نڪاڻي وارو. اوطاقي – مهمان نواز. نالي وارو. چوري جو مال وٺندڙ ۽ نيڪال ڪندڙ – چورن کي پناهه ڏيندڙ. چورن جو سردار.

– **پاڻاري ڪرڻ**: وڻ جي جاءِ ڪرڻ – چورن جو ٽمر ڪري وڻ. زال سان همبستري ڪرڻ.

• **پاڻرو ج پاڻسرا (ث)**: ذ. ڪاڻ. جو پاڪر. (پاڪر ۾ آيل ڪانا).

• **پاڻڻ**: مصدر. ڏڪي ٻڪريءِ جو ڪير لاهڻ.

– **پاڙو ج پاڙون:** ٹ. صفت. ڏکي بکري (جنهن جي ٽڻ ۾ ڪير اڇي ويو هجي).

– **پاڙيجڻ:** مصدر. 'پاڙڻ' مان فعل مجهول. ڏکي بکريءَ جي ٿڻن ۾ ڪير اڇڻ.

– **پاڙيلي ج پاڙوليون:** ٹ. وڻ جو هڪ نموني – پڙلي. ڏسو "پاڙي".

• **پاڙيلي ماري ويهڻ:** پاڙي ماري ويهڻ.

• **پاٽ:** اسر خاص. دادو تعلقي ۾ هڪ ديهه ۽ آڪاڻي مشهور ڳوٺ جو نالو. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاٽ ج پاٽيون:** ٹ. [سن. پاٹر] ڪپڙو جي وڏي ٽالهي. ڪاٽ جو پاٽوڙو.

– **پاٽ تي وهارڻ:** طنهر ڪرائڻ – ختنو ڪرائڻ.

– **پاٽ پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ:** شرم ڪان ٻڌي مرڻ. ناڪامي جو نتيجو پوڳڙ. ٿوري ئي ڪم ۾ منجهي پوڻ.

– **پاٽڙي ج پاٽڙيون:** ٹ. ننڍڙي پاٽ ـ ڦيلهي.

• **پاٽ ج پاٽ:** ذ. ڏسو "پاٽ". فقير – پارت. شلوار وغيره جي ڪپڙي جو ڏر. سڙهه (ٻيڙيءَ جو). لاٽي (ماڻهو).

• **پاٽار (ل):** ٹ. ڪڙيي. ڪسي. آڏ وغيره ۾ پاڻي جي جاڙهه يا وهڪ جي ڳڙ. تار پاڻي جي وهڪ. پينسل (ل) ڪنارو (واهه جو). (اسر خاص) بدين ۽ ديري محبت (ماٽلي) تعلقن ۾ ديهه جو نالو.

• **پاٽڑي جا گيز:** اسر خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاٽڑو:** اسر خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاٽلو ج پاٽلا (ت):** ذ. بينچ.

• **پاٽڻ ج پاٽڻ:** ذ. بوتو – قالب – سانچو.

• **پاٽو ج پاٽا:** ذ. [سن. پٹر = پٹو] بيل گاڏي جي ڇيڻي تي ڇڙهيل لوهه پٽو. مُڪري (ت). جاگير.

• **پاٽو ج پاٽو:** صفت. پٽيندڙ – پٽ ٽٽ ڪندڙ. ڏنا ڏيئي رقم هٽ ڪندڙ. هٽ ڦاڙ – خرچائو.

– **پاٽو ساٽو (ت):** ذ. صفت. پٽ سٽ ڪندڙ – هٽان هٽان پٽي پُورائو ڪندڙ. جفاڪش – محنتي. جالاڪ.

• **پاٽوڙو:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاٽوڙو ج پاٽوڙا:** ذ. [سن. پاٹسر] ڪپڙا يا ڪاٽ جي وڏي پاٽ – موڪري ۽ اونهي پاٽ. وڏي پاٽ. (اصطلاحاً) ٻڌڻ يا گوڏا.

– **پاٽوڙا ڪوڙي ڪائڻ:** گوڏا پڇي ڪائڻ – هيڻ ڪري ڪائڻ.

– **پاٽوڙا ڪوڙي وهڻ:** پاڻي ماري وهڻ – ڏهي ٽڪي وهڻ (ڪاڏي نه).

• **پاٽوڙو جاگير:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاٽولي ج پاٽولي:** ذ. [سن. پٹّه = پٹ] پٽ يا ريشم جو ڪم ڪندڙ پٽ جي رنگائي ۽ ٻڌڻ ۽ اوڍڻ جو ڪم ڪندڙ. پٽ جو واپار ڪندڙ. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

• **پاٽونڊر ج پاٽونڊر:** ذ. صفت [سن. پٹ + ورهائڻ] ونڊيندڙ – ورهائيندڙ. سخي. "پاتونڊر پاڻ حال پسي پال ڪري" (شاهه).

• **پاٽوئي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاٽوئي ج پاٽوئيون:** ٹ. [سن. پاٹر = پات] اڌ مڙڻ لاءِ هڪ سير وزن جيترو ماڻ – پاتي.

• **پاٽويون:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.

• **پاٽي ج پاٽيون:** ٹ. [سن. پاٹسر] اَن مڙڻ جو هڪ ماڻ (جنهن ۾ اٽڪل سير ڪن اَن پوي) چٽن چوٽاين جو ماڻ. اٽ جو هڪ عضوو (اٽ جي ٻن تاڙين کي پاڻ ۾ ملڻ ڪان روڪڻ واري ڪاڻي).

– **پاٽي ۽ جيڏا ڳوڙها ڪرڻ:** سخت مار ڪيڻ – سخت سيڪت ڏيڻ.

• **پاٽيلو ج پاٽيلا (ت):** ذ. ڳاڏيءَ جي چيڙي ۾ ٻڌل ڪلو.

• **پاٽير ج پاٽيا:** ذ. [سن. پاٹسر] تختو. ڦرهو. ڇونري (ت).

• **پاڻ ج پاڻ:** ذ. [سن. پاٹ < پٹ = پڙهڻ] پڙهائي – سکيا – تعليم. سبق – دَرس. ڏرمي ڪتابن جو ڏوڙ. ڳائي ٻنندڙ فقير. "پاڻ پهرين ۽ رات جو ڳڙه پاسي ڳايو". ڳائڻو – ميراثي. منگتو. (شاهه).

– **پاڻ پوڄا ڪرڻ:** ڏرمي رسمون ادا ڪرڻ. عبادت ڪرڻ. ڪرياڪرم ڪرڻ.

– **پاڻ جو پرڳ وهڻ:** پاڻ بوري ٽيڻ تي پرارتنا ڪرڻ ۽ پرساد ڪرڻ.

– **پاڻ شالا ج پاڻ شالاڻون:** ٹ. پڙهڻ جي جاءِ ـ سکيا جو مرڪز – ودياليه.

– **پاڻڪ ج پاڻڪ:** ذ. صفت [سن. پاٹڪ] پڙهائيندڙ (وند. پراڻ وغيره). سيکارينڊڙ – معلم. پاڻ ڪندڙ – شاگرد.

– **پاڻ ڪاڻا:** ٹ. معنيٰ ڪرڻ ڪان سواءِ رڳو لَس پڙهڻ جي حالت – روان پڙهي وڃڻ واري حالت – ناظره پڙهڻ.

– **پاڻ وهارڻ:** ڪنهن ڏرمي پستڪ جي پڙهائي جو بندوبست ڪرڻ – ڏرم سال ڪولڻ.

• **پاڻي ج پاڻي:** ذ. صفت. پاڻ ڪندڙ پڙهندڙ. شاگرد.

• **پاڻڙ ج پاڻڙ:** ذ. بکريءَ جو نر ڦڙ (جو چيلي جي وهيءَ کان مٽي هجي).

• **پاڻڻ:** مصدر. [سن. پرڪشالَنَم = ڏوئڻ < ڪُشْلْ = صاف ڪرڻ]. ڏوئڻ. ڏوئي صاف ڪرڻ "پاڻيون جان نه ڪجن. روئي ڏوئي اکڙيون" (شاهه ڪريم). خشڪ ڪرڻ – سُڪائڻ.

• **پائو ج پانا:** ذ. [سن. پُرُشْک] آباد زمين جي وچ واروغيرآباد زمين جو ٽڪر (جلدبندي وغيره ۾ ڪم اينڊڙ خاڪي ڪاغذ جي ٽلهي چادر. آباد ٽيڻ لائق نه هجي). دفتري جاءِ جو هڪ پاسو يا پت (ٽ). (ذ) اَٺ جي پلاءَ جو هڪ پاسو (ل). چيلو – نندڙو ٻڪر. (صفت) سُڪل – خشڪ – ٻوٽو سگهارو (بدن ۽) – مضبوط – جاڏو.

• **پائورو (ت):** ذ. ڏاندارياءِ جو ڏنڊن وڃهڻ وارو حصو.

• **پائي (ڪ):** ٽ. سُڪايل يا خشڪ (مچي).

• **پاپ ج پاپ:** ذ. [سن. پاپ] گناهه – ڏوهه. خطا. دين يا ڏرم جي خلاف عمل. نيچ ڪر – بڇڙو ڪر – ظلم – ڏاڍ. قهر – غضبه

– **پاپ آتما:** صفت. گنهگار – پاپي – ڏوهاري.

– **پاپاڻتو ج پاپاڻتا:** ذ. صفت. پاپي – گنهگار – ڏوهي. هڃاري.

– **پاپ پوڙ:** ڇٽي پوڙ (سرِ تي). گناهه جي سزا ملڻ. ضعيف ٿي وڃڻ – تمام مسڪين ٿي وڃڻ.

– **پاپ روڳ:** ذ. گناهن جي گندگي – گناهن جو روڳ. گناهن جي سزا طور ٿيل بيماري.

– **پاپ ۽ پوڙ:** گناهه جو ڪم ڪرڻ – بڇڙاين ۽ پڄجي وڃڻ – بي قياسيءَ جا ڪم ڪرڻ.

– **پاپي ج پاپي:** ذ. صفت. پاپ ڪندڙ – گنهگار – ڏوهاري. ظالم. بي قياس. اَنياڻي – بي انصاف. (ٽ) پاپڻ ج پاپڻيون.

– **پاپيڻيو:** ذ. گناهه يا پاپ جو ڪم.

• **پاپرو ج پاپرا (ل):** ذ. ڏنجهو – تڪليف – ڏاڪڙو – جاکوڙ.

• **پاپڙ پٽڻ:** ڏ ڪ ڪاٽڻ – تڪليفون سهڻ – جاکوڙا ڪيڻ.

– **پاپڙ ڪرڻ:** جفاڪشي ڪرڻ – محنت ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ. جاکوڙ ڪرڻ. تڪليف سهڻ – ڏ ڪ ڪيڻ. ڏکڙا ڏسڻ. تجويزون سِٽڻ – ترڪيبون سوچڻ.

• **پاپڙ (ت):** ٽ. ڏلهيون ساريون (جن ۾ اَنّ نه هجي) – ڏرهاڙ (ت).

• **پاپڙ ج پاپڙ:** ذ. [ھ سن. پَرِپَٹ] بيسڻ مان ٺهيل مصالحي واري تمام سنهي ماني. مانيءَ جي اَڪريل ڪَلَ. مني مانيءَ جو هڪ قسم (جيڪا جيرو. سونف وغيره وجهي ۽ بيمارن لاءِ پچايل هجي).

– **پاپڙ جهڙو:** صفت. تمام سنهو – ٽيڙڙو.

• **پاپڙو ج پاپڙا (ت):** ذ. ٻير جي ڪچي ڦري (جيڪا پچڻ بعد پلڙو ٿي). مٽرن جي ڪچي ڦري (جنهن ۾ اڃا بيج پڪو نه هجي). (صفت) سنهڙو – ٻرو.

• **پاپڙي ج پاپڙيون:** ٽ. [سن. پال] ڪَن جي بچڑي ۽ لڙڪندڙ ڪَل. بيسڻ مان ٺهيل هڪ تول – (صفت). تمام سنهي.

– **پاپڙي ۽ پٽيو (ت):** ذ. صفت. بدصورت. ڪَٽ وڍيل. بي مروت.

– **پاپڙيون لڏڻ:** تمام پوڙهو ٿيڻ. جهُور ٿيڻ.

– **پاپڙيل:** ذ. صفت. ڏُکڻ ڪٽڻ وارو.

• **پاپلينٽ:** ٽ. [انگ] مچي ۽ جو هڪ قسم.

• **پاپلين:** ٽ. [انگ] ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **پاپيتو ج پاپيتا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم – ڪاٺ گدرو. ايريو. ڏسو "پيپتو".

• **پاچ (ٽ):** ذ. پٽ تي چڙهڻ لاءِ سلامي ۽ وارو پاسيرو رسڻو.

• **پاڄامو ج پاڄاما:** ذ. [ف. پاء + جام] سلوار – سُٿڻ. پتلون. چيلهه ڪان پيرن تائين پهرڻ جو ڪپڙو. جنهن جا پانچا وڏا ۽ ٻَرَ سُٿڻ ڪان سوڙهو هجي.

– **پاڄامي ڪان باهر نڪرڻ:** آبي ڪان باهر نڪرڻ – ڪاوڙ ۾ هوش مان نڪري وڃڻ.

• **پاڄي ج پاڄي:** ذ. صفت [سن. پاپِّ = ڏڪار جي لائق] ڳڀ – دغاباز. لچ – بدمعاش. ڪميڻو – ذليل – نيچ. غلام – ٻانهو – نوڪر. خدمتگار. احمق – چسڻو – بي وقوفه (ٽ) پاڄياڻي ج پاڄياڻيون. "پنهون پاڄياڻيءَ تي لائق ٽورو لاءِ" (خليفو نبي بخش).

• **پاڄ پاڄُون (ت):** ٽ. بند ڪي پاڻيءَ جي ڪاڏ ڪان بچاءِ لاءِ ڏنل چاپ (گوٽين، پٿرن. ڪاٺن وغيره جي).

• **پاڄاهو (ت):** ذ. نئون نڪتل پيت (درياءَ مان).

• **پاڄي ج پاڄي:** ذ. صفت. ڏسو "پاڄي". نوڪر – غلام – ٻانهو. "پاڄي پيش اوهان جي. لڏه لڳو تنهنجي لاهه" (رمضان وايو). (ٽ). پاڄاڻي ج پاڄاڻيون: "وهواه اوهان جي هٿ وساريان پاڄاڻين کي پنڌڙا پريان" (سچل).

• **پاڄوڙي ج پاڄوڙيون:** وڃاڻيون. پٽاڻيون. 'پاجوڙيون' پٽريون.

• **پاڄاري ج پاڄاريُون:** ٽ. قطار.

• **پاڄر ج پاڄر:** ذ. هڙ جو هڪ قسم. ڪاڙهو.

• **پاڄڙو:** ذ. [سن. پاڄڪُ < پِڄ = پڄڻ] ڏُٺن ڏرڙين جي بيماري – پڪريز – ملو. ميوي پڄڻ جي مُند.

– **پاڄڙي جي مُنڊ:** ٽ. پڪريز جي مند – مکوراڙ جي موسم. ميوات جي پڄڻ جي موسم.

• **پاڄڪو ج پاڄڪا:** ذ. پات' (ڪَنڊ جو).

• **پاڇ پانڇو ج پاڇا، پانڇا:** ذ. [ف. پائنچه] سُٿڻ يا پاجامي وغيره جو پيرن وارو ڪليل حصو – ٻهينڙ (ت).

– **پاڇا، پانچا ڀسائي چڏڻ:** ڏپ ڪان مَٽي ڏيڻ. بزدل ٿيڻ. ميار ٿيڻ.

خراب کم کرڻ.

• **پاڄو ۾ پاڄو:** ذ. صفت. [سن. پَڏ = پڇڻ] پڇڻ جهڙو. هضر ٿيڻ جهڙو.

• **پاڇ:** ٿ. [سن. پُچ، پُچڪا] جانورن جي پيڇي – پڇ، آش – رَبَ. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] پڇاڙي. گهٽتائي – ڪوتاهي (ل).

• **پاڇا ۾ پاڇا:** ذ. [فـ. 'پاشاه' جو بگڙيل لفظ] پاتشاه – بادشاه.

– **پاڇائي ۾ پاڇاڻيون:** ٿ. پاتشاهي. بادشاهي.

• **پاڇاتر ۾ پاڇاتا:** ذ. صفت. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] پويون – پڇاڙيءَ وارو. دير سان ٿيل. وقت کان پوءِ. مَندَ کان پوءِ پڇي تيار ٿيڻ (پرڪ. ميوو) مَند کان پوءِ پوکيل (فصل). آڳاتو جو ضد. (ٿ) پاڇاتي ۾ پاڇاتيون.

• **پاڇانڊو ۾ پاڇانڊا:** ذ. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] پڇاڙي – نسيحو. پويون نسل – ٻَڍ – وياڻ.

• **پاڇاهه ۾ پاڇاهه:** ذ. [فـ. پاتشاه بگڙيل لفظ] بادشاه.

– **پاڇاهي ۾ پاڇاهيُون:** ٿ. بادشاهي. "پاڇاهي نه پاڙيان. سرتيون سُڻيءَ سائ." (شاهه).

• **پاڇڙيُ (ٿ):** ظرف. پنيان – پوئتان – پُٺتي.

• **پاڇل:** ٿ. تانگهر پاڇي – پاڇڙ.

• **پاڇلِ:** ٿ. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] پيڙيءَ جو پنيون حصو – پاڇيل. (ظرف) پنيان (نهارڻ) – پوئتي (ٿ).

– **پاڇو ٻُڌ:** جنّ يا پريءَ جو اثر ٿيڻ آسيب ٿيڻ صحبت جو اثر پوڻ.

– **پاڇو ڏسو ٿيڻ:** مهرباني ۽ سخا جي کا حد نه رهڻ – هر وقت فيض جاري رهڻ. عمر دراز ٿيڻ.

– **پاڇولو ۾ پاڇولا:** ذ. پاڇو – ساير.

– **پاڇوهي پاڇئو:** ذ. ڏسو "پاڇو".

– **پاڇو هٿ:** ساير هٿ – چاوَ هٿ. مهرباني يا سرپرستيءَ جو هٿ هٿ.

– **پاڇي پر ڇڇ:** تمام گهڻو ڇڇ – نالي کان ٿي ڏب وڻڻ.

– **پاڇي کان به پري پڇ:** وَڻُن وڇ – ويجهو نه وڇ. سخت نفرت ڏيکارڻ. بيزار ٿيڻ – کو واسطو نه رکڻ.

– **پاڇي وانگر پنيان اُڇ:** هر وقت ساڻ رهڻ. ليلو ٿي لڳڻ – هر وقت لڳو رهڻ. جاسوسي ڪندو رهڻ.

• **پاڇي ۾ پاڇيُون:** ٿ. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] بچت – بقايا – رهندڙ توشو – ثمر. ملڪيت. رياضيءَ ۾ وند ڪرڻ بعد بچيل انگ. (ظرف. باقي – بچت ۾ – رهيل.

– **پاڇي پوڻ:** باقي رهڻ – بچي پوڻ. ڪمائيءَ منجهان خرچ ڪرڻ کان پوءِ رقم بچڻ.

– **پاڇي ڪرڻ:** بچت ڪرڻ – پوءِ لاءِ رکڻ – آئندہ لاءِ ڪجهه بچائڻ.

– **پاڇيل:** صفت. بچت ڪيل.

• **پاڇيرو ۾ پاڇيرا:** ذ. جويائي مال جو پيو دڌو ياڻي پيئڻ جي حالت.

• **پاڇيل ۾ پاڇيلون:** ٿ. [سن. پَشْجَاتْ = پوء] پيڙيءَ جو پويون حصو – پاڇل ("آڳيل" جو ضد).

– **پاڇيلي ٽُخت:** ذ. پيڙيءَ جي پاڇيل جي تري وارو تختو.

– **پاڇيلي ڏُڪ:** ذ. پيڙيءَ جي اندر هيٺ وارو تختو.

– **پاڇيلي مُهر:** ذ. پيڙيءَ جو پاڇيل وارو مُهرو.

• **پاڇيلو ۾ پاڇيلا:** ذ. صفت. پنيان ايندڙ – ڊيلو. سُست – ترتيي.

• **پاڇيڻو (ٿ):** ذ. پَڍ جو خيال – پارن پڇڻ جو فڪر.

• **پاخانو ۾ پاخانا:** ذ. [فـ. پائخانه < پايه = پير + خانه = جاءِ] پيرن تي اوکڙو ويهڻ واري جاءِ. ڪاکوس – پَٻي.

• **پاداش:** ٿ. [ف] سزا. بدلو – عوض.

• **پادڙ ۾ پادڙ:** ذ. [سن. پَادْ = پير] جُتيءَ جو هڪڙو پير. موجڙو – ڪلو – لِتڑ – جَوتو.

– **پادڙ اونڌو ڪرڻ:** تماشو منجائڻ – مسخري وجهڻ – جهيڙو منجائڻ.

– **پادر ڇڪ ۾ ڪرڻ:** وات ۾ موجڙو جهلڻ (معافيءَ وٺڻ جو هڪ نمونو). معافي وٺڻ. آڻ منڍڻ.

– **پادر سنگهائڻ:** مرگهيءَ واري مريض جو ترت علاج ڪرڻ لاءِ موجڙو نڪ تي رکڻ. علاج ڪرڻ.

– **پادر سنگهڻ:** ڪتي جهڙيون وصفون اختيار ڪرڻ. ڪميڻو ٿيڻ.

– **پادڙ ڪائڻ:** موجڙا ڪائڻ – خوتا جهلڻ. ڇٽ ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.

– **پادر ۾ پير پائڻ:** ڪلهو هڻڻ – برابري ڪرڻ – همسري ڪرڻ – بر ميڙڻ.

– **پادرن جو ڪوڙ:** محاورو. جنهن تي پادرن جو اثر نه ٿئي – موجڙن جو ڏاڍو – ٽوڙ – لِتڑ.

– **پادرن کي سڏ ڪرڻ:** گهري موجڙا وٺڻ. جڏا ڪم ڪرڻ. اڻڻگي روش اختيار ڪرڻ – سزا جهڙو ڪم ڪرڻ.

– **پادر هڻڻ:** موجڙا هڻڻ – سيڪت ڏيڻ – مار ڪيڻ. لوڏي ڪيڻ – ڏاڪارڻ.

• **پادريُ ۾ پادري:** ذ. [لاطيني. پئٽر] "فادر" جو بگڙيل لفظ. عيسائين ۾ مذهبي رسمون ادا ڪندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ عالم.

• **پادشاهه ۾ پادشاهه:** ذ. [ف. پاتشاه] بادشاه

• **پادشاهت:** ٿ. بادشاهت.

• **پادشاهي:** ٿ. بادشاهي.

• **پاڏارڻ:** مصدر. [پَڏ = پير – ڏارڻ] روانو ڪرڻ – اُسهائڻ – اُهرائڻ.

پڌرو ڪرڻ. ڏسو "پڌارڻ".

• **پاڏَر**: ث. لفظ "اوڏر" سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ "اوڏر پاڏر".

• **پاڏر**: ث. [سن. پٌرَ سڌَ] سنئون پَٽ - اَڇو پَٽ - ڪليل ميدان - پوئو. جاءِ جي اڇيان ڪليل ميدان - آڳنڌ - اڳڻ. (اسر خاص) تعلقي ديري محبت (ماتلي) ۾ هڪ ديهه جو تعلقي گونيءَ (ٽنڊي محمد خان) ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

• **پاڏ**: ظرف. پاسي - ڏانهن "پُٺيءِ پاڏ = پُٺيءِ طرف".

• **پاڏارڻ (ل)**: مصدر. ڏسو "پڌارڻ". پڌرو ڪرڻ - پاڌارڻ. "ڪري پيڪ بنهونءِ سين پاڏارياٽين پاڻ". (شاهه). (پاڏارڻ - پاڏارينڊو - پاڏاريل). ث.

• **پاڏِ ڪي ج پاڏِ ڪيُوْنْ (ث)**: نندڙي. پاڏي. وڃ.

• **پاڏَنهُنْ. پاڏَهُنْ (ت)**: ظرف. ڏسو (پاڏ).

• **پاڏو ج پاڏا**: ذ. [سن. وَتْسهُ] ماهي مال جو نَرَ ٻڇو - ڪُرنُهونْ. اڏامندڙ جيت جو قسم (پڙُنر جهڙو. رنگ ڪارو). چيٽي جو ٽنڊڙ. (صفت) ٽلهو متارو. سگهارو - جانلو. (ث) پاڏي ج پاڏيون.

- **پاڏا ٻيهڻ**: خار ڪائڻ - ڪاوڙ ڪائڻ.
- **پاڏو ٽيڻ**: ٽلهو ٽيڻ - متارو ٽيڻ - ضِڇي پوڻ.
- **پاڏيو ج پاڏِ يا (ت)**: ذ. پاڏو. پاڏِ پٽو ج پاڏِ پٽا (ت): ذ. اَڪَ جي وڻ جو اڻب - اَڪنَڙو.

• **پاڏِ (ت)**: ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو. گهڻ ڪائو - پيٽي.

• **پاڏڻ. پاڏڻ**: مصدر. جويائي کي ٽنگ ۾ ڏُکهو رسو ٻڌي ٻنيءِ ۾ ڇڪ ڇڏڻ (جيئن اُهو جانور ڳچ حصي ۾ گهمي ڦري گاهه ڪائي سگهي) ڇڪ ڇڏڻ. سلهڙ. اَٽرَ ڪرڻ. (پاڏيو - پاڏيندو - پاڏيل).

• **پار**: ظرف [ف] گذريل - پويون.

- **پار سال**: ذ. گذريل سال - پَرُ.

• **پارَ**: ذ. [سنڌي. پارَ ج پارَ] هي لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي. نشان (سجائب ڏ) - اهڃاڻ. ڪم - اَفعال - لڇڻ. عادتون - خصلتون. گُڻ - وصفون. رواج. ڪنهن فوتيءَ ني روئڻ وقت ان جون وصفون بيان ڪرڻ اوسارا.

- **پار آلاپڻ**: پار ڪڍڻ - سُر سان فوتيءَ جا گُڻَ گائڻ.
- **پار پتا ڏيڻ**: نشانيون ٻڌائڻ - ايمان ڏيڻ - گذريل ڳالهيون ياد ڏيارڻ.
- **پارَ پڇڻ**: نشانيون پڇڻ - اهڃاڻ پڇڻ.
- **پارَ ڏيڻ**: نشانيون ٻڌائڻ - ڏَس ڏيڻ. سجائب ڪرائڻ (ڪنهن وسري ويل ماڻهوءَ جي).
- **پارَ سجائڻ**: نشانيون سجائڻ. افعال سجائڻ. اَفعالن مان سَهِي ڪرڻ.
- **پارَ ڪڍڻ**: مري ويل ماڻهوءَ جون وصفون خاص نموني ۾ بيان ڪري روئڻ - اوسارا ڪڍڻ. وڏي آواز سان روئڻ.

• **پارُ**: ث. نار جي نيسر (ڪ). جونري يا لاڏي ۾ ٺاهيل جارو. اڳڻ جي ڪنار (ث).

• **پارِ**: ظرف [سن. پارْ] پي ڪب تي - هُن پر - ٻئي پاسي (درياءِ جي) - پرار.

- **پارِ اُڪارڻ. ڪرڻ**: لنگهائڻ: پرينءِ پر پهچائڻ - پرار اُڪارڻ - درياه ٽپائڻ - مشڪل مان ڪڍڻ. ڪاميابي حاصل ڪرڻ.
- **پارِ لنگهڻ**: آر پار وڃڻ - هُن پر وڃڻ - ڪاميابي حاصل ڪرڻ - مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان آجو ٿيڻ - لنگهي پار ٻوڙ.
- **پارِ ٿي**: ظرف. هن پار ڏانهن. ٻئي جهان ڏانهن. "ويندو نه پسين ڏيهه. پتڻ هن پار ڏي". (شاهه).

• **پارُ ج پارَ**: ذ. [سن. پارَ] نديءَ جو ٻيو ڪپ - پراڙ. ظرف. پاسو. طرفداري - حمايت. لحاظ. پتو - ڏَسَ. نشان - اهڃاڻ. لڇڻ - عادت. حدَ - چيڙو. اوسارو. تانگهو. ڪوهَ (جنهن ۾ ٽَڙ جو پاڻي نه هجي پرسيمي جو پاڻي اڇي. ٽر ۾ اٺڻ ڪوهن جي اونهائي ۲۵ فوٽن کان ۵۰ فوٽن تائين ٿئي. اُنهن کي ٻرساتي ڪوهَ ٻ. چون. هنن ڪوهن جو پاڻي منو ٿئي). پار درياءَ يا ڪوهه جي ڪڇ تي ٻڌل گوٺ (ث).

- **پاران**: ظرف. پرينءِ پر کان - هن پار کان. پرئين طرف کان - طرفان - پران. جي عوض.
- **پارا وارُ**: ذ. پچاڙي - چيڙو - انتها - پُڇڙي.
- **پارُ ٿيڻ**: ياران ٻون - طرف ڪٽڻ - پاسو وٺڻ - حمايت ڪرڻ - تائيد ڪرڻ.
- **پارُ پائڻ**: انت لهڻ - حد لهڻ.
- **پارَ پوڻ**: لنگهڻ. (ڏکئي ڪم يا بيماريءَ مان). ڪامياب ٿيڻ - مطلب حاصل ڪرڻ - مقصد کي پهچڻ.
- **پارِ دَرْشڪ**: صفت. [سن] اَها شيءِ جنهن مان آرپار دسي سگهجي - شفاف.
- **پارَ سُجائڻ**: طرف سجائڻ. عزت واري يا قرب واري جو قدر ڪرڻ - لحاظ ڪرڻ.
- **پاروجو**: ذ. صفت. پاريجو - پاڙ جو ويٺل.
- **پارُڻ. پارُڻْ**: ظرف. درياءَ جي ٻئي طرف کان - هُن پر کان. طرفئون. ياران - بدران - عوض.
- **پاريانْ**: ظرف. طرف کان. پار کان - پرئين طرف کان.
- **پاريجو ج پاريچا**: ذ. صفت. درياءَ جي ٻئي پر جو رهاڪو - پراڙ جو ويٺل. (مجازاً) سهڻيءَ جو عاشق (ميهار درياءَ جي ٻئي پر رهندو هو)

ڏسو "پاروجو". "مٺي جهوڪ جهري، پُنڊ ۾ پاريجن جي". (شاهه).

• **پارابو ج پارابا (ڪ ه ك)**: ذ. ڏسو "پاراپو".

• **پارابو ج پارَابا (ل)**: ذ. [سن. پُرَشْٹ ياو. پُرِيْش = موڪلڻ + پاءُ = حالت. موڪلڻ جي حالت]. پيغام – سنيهو – نياپو. ڏوراپو. "سڪان جي نه سڏين. پارابا پِريءَ جا". (شاهه ڪريم).

– **پارابي ج پارابي**: ذ. صفت. قاصد – ريهارو – پانڊي.

• **پارائتو ج پارائتا**: ذ. بدّ – سراپ – بد دعا – پٽڪو – ڪاني.

– **پارائتو ڏيڻ**: پٽڪ – پٽڪا ڏيڻ – بد دعا ڪرڻ.

– **پارائتو ج پارائتو**: ذ. صفت. پٽڪو – ڪار زيانو.

• **پارائڻ**: مصدر. ڳوهيل اٽي کي گيهه يا مکڻ هڻڻ – مَڪ ڏيڻ.

• **پارائو ج پارائا**: ذ. [سن. پَرا + شْتَهَ] پُرائو – اڳراڻو

• **پارابو ج پارابا (ڪ)**: ذ. نياپو – پيغام – سنيهو – ڏسو "پاراپو".

– **پارابي جج پارابي**: ذ. نياپو ڪٽي ويندڙ – قاصد – ريهارو.

• **پاراڌي ج پاراڌي**: ذ. صفت. [سن. اَپَراڌي = گنهگار. پاپي] شڪاري. ماري پاپي – ظالم.

• **پاراڌي**: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاران**: ذ. دؤر (شاستر يا ڏرمي ڪتابن جو). پاٺ.

• **پارانهو ج پارانهَا**: ذ. نياپو – سنيهو. پيغام ويڻ – مهڻو – ڏوراپو. ڏسو "پاراپو".

– **پارانهَا پڇارڻ**: پيغام پهچائڻ – نياپا ڏيڻ. ڏوراپا ڏيڻ – طعنا هڻڻ – مهڻا ڏيڻ. گذريل ڳالهيون پڇارڻ.

• **پارَانْ ڪَشْ**: ذ. ڪورڪي ڪمر جو هڪ اوزار (تاجيءَ جو بَرَ ڇڪي بيهارڻ لاءِ سنهي ڪمان جهڙي متائي).

• **پاراڻو ج پاراڻا (ڪ)**: ذ. ٻهرو – سنيال – رکوالي. شڪار لاءِ ناهيل ڪَنڊو – ڪٽو.

• **پاراهِي ج پاراهِيون**: ث. پارائي ٽوٽي (ث).

• **پارائي ج پارائيون**: ث. لوهه جي ٿلهي سيخ (گرين شين کي چورڻ. ريڙهڻ يا مٽي ڪٽڻ جي ڪم اچي) – بيرم. ڏري ڪوٽڻ لاءِ ڏڳهي لوهي رَنبي. ڪاٺ چيرڻ وقت ڳهوڙيءَ جي اندران ڏنل جهلَ يا ڇيڙ.

• **پارَتْ ج پارَتُون**: ث. [سن. اَرْپَ = حوالي ڪرڻ] سڀارت – سپارت – خاص تاڪيد. ڪم پوري ڪرڻ جي هدايت.

– **پارت ڪرڻ**: سڀارت ڪرڻ – جوڙجاءُ ڪرڻ – سُپارت ڪرڻ.

• **پارْت**: ذ. [انگ. Part] حصو – ياگو. ٽڪرُ – ٻهرو.

• **پارت وڻڻ**: عملي طرح ٻهرو وڻڻ (ڪنهن ڪم ۾).

• **پارتو**: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پارٽي ج پارٽيُون**: ث. [انگ. Party] جماعت – گروهه – ٽولي – گهٽن ميمبرن جي گڏيل دعوت – مجلس.

• **پارِڇتي**: اسم خاص. [سن. پارْوتي] هندو مذمت موجب شِوَ جي زال جو نالو. اها عورت جا برف جهڙي صاف ۽ جبل جهڙي مضبوط هجي ۽ا يشور کي پتيءَ جي روپ ۾ جَچي.

• **پارِجات**: ذ. [سن] مرجان جو وڻ.

• **پارِجو ج پارِجا**: ذ. پارجه. جلڪندڙ رڪ جو هڪ قسم. پڙِيُ.

• **پارْڇَ**: ذ. [ف] ٽڪڙو – ٻرزو. ڪپڙو. لباس – وڳو. خِلْعَت.

• **پارْڇَ بافي**: ث. ڪپڙي اڻاوت جو ڪم – ڪپڙي اڻڻ جو هنر.

• **پارِ دال**: ث. بنا ڦَرَ جي کير ڏيندڙ اُٺ. ڏاڇي.

• **پارِڊ ج پارِڙا**: ذ. [سن. پارَ = پارو] موتيءَ جو هڪ قسم (اندر ميڙ پرمل. اڇي رنگ جا ۽ خاص ڪري ڏَڻن ۾ وڇهيا آهن) – شيلاڄي موتي. ٽڪر جي ڏيڙي ماڻي (جنهن ۾ کير جمائجي) ڪُنو (ٽڪر جو).

• **پارَسْ ج پارَسَ**: ذ. [سن. سْپَرْش] – خيالي پٿر جو هڪ قسم (جون ٿا ٿ اهو پٿر لوهه سان ڪسي ان کي سون ڪري وڌندو آهي). (صفت) نهايت عمدو. نفيس. قابل – لائق. اُستاد ڪامل.

– **پارَسْ پِيرُ**: ذ. وڏ جو هڪ قسم.

– **پارَسْ ٿي ويڻ**: ڪامل ولي ٿيڻ. فيض وارو ٿيڻ (جنهن جي فيض کان مريد مٺيا وارو ٿئي).

• **پارِسْي**: اسم خاص. [ف] ملڪ ايران جو اڳوڻو نالو (جو هوشنگ جي پٽ تان هن ملڪ تي پيو). فارس. حضرت نوح عليه السلام جي پوٽي جو نالو.

– **پارسي ج پارسي**: ذ. صفت. پارس جو (رهاڪو) – فارسي. ايراني. آتش پرست.

– **پارسي**: ث. ايران جي ٻولي – فارسي. پرولي. (صفت) ڏکي – اهنجي.

– **پارسِيْ پائڻ**: پرولي پڙهڻ – گڇهه پروڙڻ.

– **پارسي پڙهڻ**: ڏکيو ڪم ڪرڻ. ڏاريو علم پرائڻ. قابليت حاصل ڪرڻ "پارسي پڙهسي، گهوڙي چڙهسي" (چوٽي).

– **پارسِي هُڻڻ**: مشڪل ڪم هڻڻ. نئون ڪم هڻڻ.

– **پارسا ج پارسا**: ذ. صفت. [ف] پرهيزگار – پاڪدامن – نيڪ – صالح. متقي – زاهد.

– **پيران پارسا**: ذ. وڏو پير – وڏو مرشد – سجّاده نشين.

– **پارسائي ج پارسائيُون**: ث. تقويٰ – پرهيزگاري – پاڪدامني. خداترسي.

• **پارسلُ ج پارسل:** ذ. [انگ. Parcel] بند ٽيل پڪيٽ – ٽپال ذريعي ڪا بند موڪليل شيءِ، ٻڌ – بدڙي.
• **پارَسْ ج پارَڻ (ت):** ذ. پارڇ.
• **پارشدُ، ج پارشد:** ذ. مُلڪ. نيڪ. رهبر. ڏسو "پارکد".
• **پارَڪُ، پارْڪُ ج پارڪ:** ذ. [انگ. Park] باغيچو – ننڍڙو باغ.
• **پارڪر:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ طبعي حصي جو نالو (جو ٿر ڪڇ ۽ جوڌپور علاقن جي وچ ۾ آهي. اصل ۾ 'پار کار = کاري چي پار' يعني لوٽي ندي‌ءَ جي ٻرين‌ءَ پر).
• **پارَڪڻ:** ٿ. [سن. پَريڪْشَا = جاچڻ < جَاچڻ < ايڪشن = ڏسڻ] پَرَکَ – پريکيا – آزمائش – چڪاس – جاچ.
– **پارڪُ ج پارڪ:** ذ. صفت. پارکو.
– **پارڪاڄ پارِ ڪائُونْ:** پرک.
– **پارڪو ج پارڪو:** ذ. صفت. [سن. پَرِيکْشَکَ] پرکيندڙ – ڪوڙ سچ کي ظاهر ڪندڙ. چڪاسيندڙ – آزمودو ونندڙ. سچائڻ وارو (اصل نقل کي) ڏاهو – آزمودگار. جانچو. نقاد.
• **پارڪڈُ ج پارڪڈ:** ذ. صفت. [سن. پارِشَدَ = اِجلاس. جلسو. انجمن وغيره] پارشد ديوتا جي ڪچهري. نوڪر. تماشائي. سونهون.
• **پارليامينٽ:** ٿ. [انگ. Parliament] قانون بنائيندڙ جماعت. قانون ساز اسيمبلي – قومي نمائندن جو ميڙ – مجلس شوريٰ.
• **پارنو:** اسر خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پارِنيت، پارِيٽ (ٿ):** ٿ. شاديءَ واري رات – ٻرڻي جي رات – لاڙن واري رات.
– **پارُو:** ذ. صفت. پاريندڙ – نباهيندڙ. وفادار. وقت گذر ڪندڙ. (اسر خاص) هند ڪو نالو.
• **پارو:** ذ. [سن. پارَد] ڏاڙهه جو هڪ قسم (اڇي رنگ جو. پٽڙو. گهاٽي پاڻيءَ واڱر. جلڪندڙ ۽ تيرڪندڙ ٿئي) – سيماب.
• **پارو ج پارا:** ذ. [سن. پُرِيتَرْ = برف] سياري جي موسم ۾ ڏاڍيءَ ٿڌ سبب جاول پاڻي – ڏاڍي ٿڌ – سخت سيءُ. "سهه سياري. پاڻي پارو. جت جهڙ جهڪ ۽ جهول" (شاه). ڪر جو لوتو (ڪير وجهڻ جي لاءِ ڪم اڇي) – پارڙو. ڪنو (ڪرجو) موتيءِ جو هڪ قسم (رنگ اڇو. اندر ميڻ پريل) – شيلاتي موتي – پارڙو. [ف. پاره] ٽڪرو "جان جگر ڪري پارا پارا" سيپارو < سي = ٽيهه + پارو = پاڳو = ٽيهون حصو (قرآن شريف جو). (صفت) بارن وارو – افعالن وارو. (ظرف) وانگر – جيان – جهڙو. تو پارو = تو جهڙو. مون پارو = مون جهڙو".
– **پارَن ۾ پارا پوڻ:** مصيبتن تي مصيبتون ڪڙڪڻ – تڪليفن مٿان تڪليفون اچڻ.
– **پارو پوڻ:** هندن جي هڪ مُردي کي مساڻ ڏي ڪڍي وڃڻ کان اڳ مُردي جي منڊن کان دلي پوڻ جو سَوڌ ڪرڻ.
– **پارِوتي:** اسر خاص. [سن. پارِيَتِي = مهاديو جي زال] مهاديو جي زال جو نالو – پاريتي.
• **پارُوٽو ج پارُوٽا:** ذ. [سن. پارَ] تيار ٽيڻ کان پوءِ گهٽي وقت تائين رکيل. (کاڌو طعام وغيره جو ٿري بي سواد ٿي وڃي). رکيل (کاڌو). ٺريل – بي سواد – اوسنو. باسي – ڏنب ڪيل. ڪنو (ٿ) پارُوٽي ج پارُوٽيون.
– **پارُوٽي واڱڻ جهڙو منهن ڪرڻ:** پيلو منهن ڪرڻ – مايوس ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ – لڄي لڱڻ.
• **پارِوڙِي:** اسر خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پارُوڙِي:** ٿ. خبر – سُڌ – ڄاڻ – پروڙ.
• **پارَهْ:** ذ. [ف. پاره] ٽڪرو. حصو – پاڳو. برزو. پيوند – ڇتي. قرآن شريف جي ٽيهن حصن مان هڪ حصو – پارو.
– **پارَهْ پاره ڪرڻ:** تکر تکر ڪرڻ – پرزا پرزا ڪرڻ.
– **پارَهْ دوز:** ذ. صفت. ڪپڙن ۾ اڳڙيون وجهندڙ. موچي.
• **پارهيڙِي ج پارهيڙِي:** ذ. [سن. پُر دَرْشَکُ] شڪاري. ماري. پاپي. پکين جو شڪار ڪندڙ. پکي قاسائيندڙ.
• **پارهيڙِي ج پارهيڙُونْ (ڪ):** ٿ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چمڙي سان. رنگ سونهري. ديگهه ۳ – ۴ انچ).
• **پاري ج پاريُونْ:** ٿ. [پِرا. پَنْدِيا. سن. پانْڊ + اکا] ڏکي (نڪر جي). ٻڪر جي ڪُنبي (جتن واري). چپر جي آڏو وراندو. [سن. پالي = قطار] گهوهو – سيڙهه. گسي – نهر. سير. ڪنڊي – ڪپ (گوڙهن جو) وسڪارو. لائو – قطار. ٻنبل يا پالبل عورت – نوڪرياڻي – بانهي. چَڙ جو ٻچو – پورڙ. پيادي. "سَسئي ٿي، سيد جئي. ڪٿي پير پاري". (شاه).
• **پاريا هو ج پاريا هُا (ڪ):** ذ. مڇيءَ قاسائڻ لاءِ هڪ قسم جي "سُنڌ" (جا ڪناري تي جهلي ويهجي).
• **پاريبو ج پاريبا (ٿ):** ذ. [سن. پراوَت] پاريهل. ڪبوتر.
• **پاريبا (ڪ):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پاريري:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پاريسي ج پاريسيُونْ:** ٿ. پارسي بولي. بروچڪي بولي. ڳجهارت – پرولي – ٻجهارت. "ڏين پارسيُون پاڻ ۾ ..... الخ" (شاه).
• **پاريڳي (ٿ):** اسر خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پاريلُ ج پاريل:** ذ. [سن. پارَاوَتْ پارُوَتهْ - ڪبوتر] ڪبوتر - پارهل.
• **پارِيَنُ:** صفت. [ف] جهونو - پراڻو - ڪهنو. زيون.
• **پاريو ج پاريا:** ذ. تڪاڙو ڏيورو. "جيئن عمر ڪوت پرسان راڻن جا پاريا".
• **پاريَهُ، پاريهَلُ ج پاريهَرَ، پاريهَل:** ذ. [سن. پارَاوَتْ] پکيءَ جو هڪ قسم (چمڪندڙ سَرمائي رنگ جو. ڏنل جاين ۽ پراڻن ڪوهن ۾ رهي ان جو رت ۽ گوشت. تمام سخت گرم مزاج. اڏ رنگ جي مرض ۾ رت علاج طور ڪارايو ويندو آهي).
• **پاڙ (ڪ):** ث. گاهه جو هڪ قسم (چوپايو مال ڪائي ۽ هن کي اُپرڻ لاءِ مٽي پائي جي ضرورت ٿئي).
• **پاڙ ج پاڙُونْ:** ث. [سن. پتْ] جَڙ - بيخ. ڪنهن به نباتات جو زمين ۾ پکڙيل. تاندورن واري حصو اوڍ يا ٻوٽي کي مضبوط جهلي ۽ پاڻي جُهي وڃ کي رسائي). پيڙهه - بُنياد.
- **پاڙاڻ، پاڙُوڻ:** ظرف. پاڙ ڪان - پاڙ وٽان. بنياد کان.
- **پاڙَٻَ ج پاڙَٻَڙ:** ذ. صفت. پاڙ پٽيندڙ. جَڙ اُکيڙيندڙ. برباد ڪندڙ - ناس ڪندڙ - ويري - دشمن.
- **پاڙ پٽڻ:** برباد ڪرڻ. جڙ ڪڍڻ. بنياد اکوڙڻ - ناس ڪرڻ.
- **پاڙ پيڙهي، واري هُجڻ:** بنيادي وڏو ماڻهو هجڻ. خاندائي نسل مان هجڻ. هلندي پچندي واري هجڻ.
- **پاڙ سائي ٿيڻ:** سرسبز ٿيڻ - آباد ٿيڻ - خوش ٿيڻ. (ڪنايت) تباهه ٿيڻ - ناس ٿيڻ (عام طور پاراتي ۾ ڪم اچڻ "ٽنل ڪا پاڙ سائي ٽئيس")
- **پاڙُونْ ڀتي ڪڍڻ:** بنياد کان ناس ڪرڻ - صفا برباد ڪري ڇڏڻ.
- **پاڙُونڊو ج پاڙُونڊا:** ذ. ول جو پاڙ واري پٽو (جو سخت ٽئي ۽ اڪثر ڪائڻ جي ڪم نه اچي).
• **پاڙچ:** ذ. نار يا هُرلي جو هڪ عضوو (ڪاٺ يا لوهه مان ٺهيل هٿ ڪن ڏڪهو ۽ فوٽ ڪن ويڪرو نار جنهن ۾ لوٽن مان پاڻي ڪري ۽ آڻان وڃي نيسر ۾ پوي). لوهه جو پٽرو - پڙچ.
• **پاڙچو ج پاڙچا:** ڏسو "پاڙچ".
• **پاڙچو ٿي پوڻ:** بي حس ٿي پوڻ - ڏاڍو ٺڪجي پوڻ - ڦاٽ ٿي پوڻ.
• **پاڙ ڊَنگ:** ذ. پلان جو هڪ رسي ٽنڪر (جو ڪوتي ۾ بڌيو آهي).
• **پاڙ:** مصدر. پاڙڻ مان اسر. عوض - بدلو. "آڙ" لفظ سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ "آڙ پاڙ ڪي وڃ".
- **پاڙ:** ذ. عوض - بدلو. ضد. ويرُ - انتقام. اَگهه - مُلهه - هميشه لفظ "اگهه" سان گڏ ڪم اچي "اگهه پاڙ".
- **پاڙ پاڙڻ (ث):** بدلو وٺڻ - رهيل پلڙو چي ڪَسر ڪڍڻ.
- **پاڙ جهاڙ:** ث. وهنوار - لٽ پٽ. (حساب ۾). ڏيتي ليتي جو فيصلو.
- **پاڙ جهاڙ ڪرڻ:** ڇڪتو ڪرڻ (ليکو). ۽ شيون هڪٻئي جي بدلي ۾ قبول ڪرڻ. بدلو وٺڻ.
- **پاڙاٽو ج پاڙاٽا:** ذ. صفت. پاڙي جو - پاڙي وارو.
- **پاڙو رَکڻ:** پاڙي جو ننگ رکڻ. پاڙي جي حفاظت ڪرڻ - پاڙي جو لحاظ رکڻ.
- **پاڙوسي ج پاڙوسِي:** صفت. پاڙي جو رهاڪو - پاڙيسري.
- **پاڙي پَنڌ:** ظرف. گس پَنڌ - ڊگ پنڌ سان - وات ويندي.
- **پاڙيچن پاڙيچي:** ذ. صفت. پاڙي جو - پاڙيسري.
- **پاڙيسري ج پاڙيسري:** ذ. صفت. پاڙي جو - پاڙي وارو - پاڙي جو رهاڪو - پاڙي ۾ ويندل - همسايه - محلي وارو. پر ۾ ويندل. ويجهو ويندل.
- **پاڙي وارو ج پاڙي وارا:** ذ. صفت. پاڙيسري.
• **پاڙو ڏَرو:** اسر خاص. تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پاڙها (ث):** اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
- **پاڙهِي:** ث. پاڙهن جو ڪم يا نمونو.
• **پاڙهو ج پاڙها:** ذ. صفت. پڙهندڙ (ڦيٽو جهاڻ. ڦيٽو وجهندڙ - جهاڙ وجهندڙ.
• **پاڙهيتو ج پاڙهيتا:** ذ. صفت. جهاڙ وجهندڙ - مانڊو.
• **پاڙهيرِي ج پاڙهيرِي:** ذ. شڪاري - پکين جو شڪار ڪندڙ - ماري. "سَرَ ۾ پکي هيڪڙو پاڙهيري پنجاهه" (شاهه).
• **پاڙِي ج پاڙِيُون (ث):** ث. ٻيت ۾ مٽيءَ جو ناهيل طاق (ٽانڊو وغيره رکڻ لاءِ).
• **پاڙِي ج پاڙِي:** ذ. صفت. [ف. پاجي = (پا = پير + جي)= پيرن تي ڪرندڙ] پاجي. ٻانهو - نوڪر - گولو - خدمتگار. خسيس - نيچ - ڪميٽو (ث) ٻانهي - گولي. وڇڙيل. ڏسو "پاجي"
• **پاڙيبَ ج پاڙيبَ:** ذ. [ف. پا + زيب = سينگار] ڳَهه جو هڪ قسم - پيرن ۾ پائڻ جو زيور - توڙهو - ساتو.
• **پاس:** ذ. [ف] سنپال - نگهباني. لحاظ - خيال - رعايت. سانگو - سبب. طرفداري - حمايت. اڪثر مرڪب لفظن جي اڳياڙي ۾ ڪم ايندڙ لفظ. "پاسبان. پاسخاطري. پاسدار وغيره".
• **پاس!:** ذ. [سن. پارْشْو] پاسو - طرف. پَر. (ظرف) وٽ - ويجهو - قريب - نزديڪ "آسپاس".
- **پاسپَرُ:** ظرف. پاسي تي - هڪ پاسي. هڪ طرفو. پاسي پر. پري - پريرو.
• **پاسُ:** ذ. [انگ. Pass] لنگهه - راهه. جو رستو. (صفت) ڪاميابي

(امتحان ۾)، ڪامياب ٿيل (آزمائش ۾)، پسند – منظور.

• **پاس بوڪ:** ذ [انگ. Pass Book] بئنڪ ۾ رکايل پئسن جو ڪتاب.

– **پاس ٿيڻ:** لنگهي وڃڻ (راهه تان)، ڪامياب ٿيڻ (امتحان ۾) سوياروٿيڻ، پسند اچڻ – منظور ٿيڻ.

• **پاس، پاسِ ج پاسُونْ، پاسِيُونْ:** ٿ. [انگ. Pass] راهداري، اجازت نامو – منظوري (ڪر ڪرڻ جي)، تحريري اجازت – موڪل.

• **پاسُ (ت):** ذ. [سن. پِشِتْ] گوشت – مانُ. پاهُ. آڏاريل يا ڳريل گوشت. "گوشت ڪاڏي وڏي پاسُ. انَ. ڪاڏي وڏي اوجهري. ڪير پيتي وڏي رتُ. گيهه ڪاڏي وڏي ڪويري".

• **پاسات:** ظرف. [سن. پارْشْو = پاسو] ڏانهن - طرف. (ذ) هندو وٻارين جي اصطلاح ۾ بلن ۽ هندين ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. يعني بل جنهن ماڻهو ڏانهن پاسات هوندو ادائگي انهيءَ کي ڪرڻي آهي].

• **پاسارا:** ذ. [بلوچي] دشمن تي اوچتو حملو – شبخون "پرين ڪيا پاسارا" (ن – ب).

• **پاسارو ج پاسارا:** ظرف. [سن. پارْشْوَ] پاسيرو، هڪ طرفو – پهرو – پري. (ث) پاساري ج پاساريُون.

• **پاساري ج پاساريُونْ:** ٿ. پاسِري – پاسراتي. "ڪانَ ڪرنگهي ڪپيو پاساريون ٻڌي" (شاهه).

• **پاساري ج پاساري:** ذ. صفت [سن. پَشْيَ = وڪري جو مال + ساز < سْرَ = پکيڙڻ]. پسارڪو وڪر ڪندڙ. دڪاندار – پساري.

• **پاساڻو ج پاساڻا (ث):** ذ. [سن. پارِشْوَ] پٽ جو هڪ پاسو. "ميها موڪر ٽلٽين، پيٽون پاساڻن". (خليفو نبي بخش).

• **پاساڪُوِ (ث):** ٿ. ڪوهه ۾ لهڻ واري ماڻهوءَ کي ٻڌاءَ لاءِ ڏنل ٻي رسي (هڪ رسيءَ تي ماڻهو ويهي ۽ ٻيءَ کي مدد طور جهلي هيٺ لهندو وڃي).

• **پاسِبانُ ج پاسبان:** ذ. [فـ پاس + بان] پهريدار – نگهبان – محافظ.

– **پاسِباني:** ٿ. نگهباني – جوڪيداري – سنيال، حفاظت.

• **پاسٽان:** صفت. [ف] پراڻو – جهونو – آڳاتو – قديم – ڪهنو.

• **پاسُخ:** ذ. [ف] جوابه.

• **پاس خاطر:** ٿ. [فـ پاس + خاطر] حمايت – طرفداري، لحاظ – مروت.

– **پاس خاطِري:** ٿ. آڌرپاءُ، مرحبا، خاطرداري، خوشامد، طرفداري، لحاظ – مروت، رعايت.

• **پاسِداري:** ذ. [ف. پاس + دار] نگهبان، پاسبان، طرفدار، لحاظ رکندڙ.

• **پاسداري:** ٿ. لحاظ، مروت، نگهباني، طرفداري.

• **پاسِرَ ج پاسِر (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلن سان، پيٽ اڇو، ٻُني ڪاري ۽ ٻيگهه جثو ڪاڻ پنجن انجن تائين).

• **پاسِرو ج پاسِرا:** ذ. [سن. پارْشْوَ = پاسو] جاءِ جي ڇت ۾ پاسي ڪان پيل وَرو.

• **پاسِري ج پاسِرِيُونْ:** ٿ. [سن. پْرَشْڪا] چاتيءَ جي پاسن وارين هڏين مان هڪ هڏي (جا سنهي ۽ ڇيڙي ٿئي ۽ تاڪي ۽ ڪرنگهي ڪي ڳنڍيي) – پاسراتي. ٻيل گاڏيءَ جي پاسي واري ڪاٺي (ت).

– **پاسِريءَ وارو هڏو:** ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان لاڳاپو هڏو. پُشت وارو هڏو – ڇڪي خاندان مان هڏو.

– **پاسِريُون ڇڻڻ:** سخت سزا ڏيڻ – هڏ ڳڏ ڇڻڻ.

• **پاسِري ج پاسِرِيُون:** ٿ. بدن جو پاسو.

• **پاسِنجر:** ذ [انگ] مسافر، مسافر گاڏي.

• **پاسَنگ:** ذ. [ف] ساهميءَ جي ڪاڻ لاهڻ لاءِ نڪي ۾ ٻڌل وَزن – ڪاڻ. ساهميءَ جي پڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ ٻڌل وزن. (صفت) برابر، هڪ جهڙو، هموزن – سنئين ڪاڻي – تور ۾ برابر.

• **پاسَڻ (ث):** مصدر. چمڙي يا چوڙي تان وار لاهڻ لاءِ چوڙي کي ڪونر ۾ وجهڻ.

– **پاساڦلو:** ذ. آس پاس – اوسا پاسا، ڪُندون پاڳا – بلائد پوڄڻ (ڪپڙي جا)، تعلقات.

– **پاسا ڪرڻ:** پري ٿيڻ – باهريان پاسا وٺڻ، ڪناره ڪشي ڪرڻ، ڪَتائڻ، لڪڻ.

– **پاسا ڪوڙڻ:** بلائد سوڙهه ڪرڻ – وَرَ گُنجهڻ، پڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اُڻي وڃڻ يا نڪري وڃڻ جي تياري ڪرڻ.

– **پاسا وراڻڻ:** نند نه اچڻ جي حالت ۾ اُڏڻ ٻڌڻ، بي آرامي ٿيڻ.

– **پاسا هڻڻ:** ٽيلها ڏيڻ، حرڪت ڪرڻ (بارائي بيماريءَ ۾) ڪُڪڻ وارا هڏ هيٺ مٿي ٿيڻ.

– **پاسو اُنڪائڻ:** ڪجهه قبضو ڪرڻ، ڪُلهو هڻڻ (سوڙهه ۾ وهڻ لاءِ)، ٽورڙيءَ جاءِ ۾ ويهي رهڻ.

– **پاسو ٻڌڻ:** طرفداري ڪرڻ – حمايت ڪرڻ، لغوڪي ڪُني ٻڌڻ، پاسو جهلڻ طرفداري ڪرڻ، حمايت ڪرڻ.

– **پاسو ڇڏڻ:** ڏار ٿيڻ – جدا ٿيڻ، جند ڇڏڻ، طرفداري ڇڏڻ.

– **پاسو ڏيڻ:** ويجهو اچڻ، پر وٺڻ. (اميد يا لالچ رکي) ويجهر ٿيڻ، رستي وغيره جو ڪَٻ وٺڻ، اثر وجهڻ – اثر هيٺ آڻڻ.

– **پاسو ڪرڻ:** پاسو ڏيڻ – هڪ پاسيرو ٿيڻ، پري پوڄڻ – پري هٽڻ، ٽري وڃڻ – پرهيز ڪرڻ.

– **پاسو ڪاراڻڻ:** لغوڪي پاسي تي موڙڻ.

– **پاسو ڪڍڻ:** طرف وٺڻ – حمايت ڪرڻ – مدد ڪرڻ.

– **پاسو ڪرڻ:** ٿورو آرام ڪرڻ. ڪري پوڻ – ڏهي پوڻ. بيمار ٿيڻ. مري وڃڻ. ڏيوالو ڪيڻ.
– **پاسو ڳرو ٿيڻ:** طاقتور ٿيڻ. (طرف يا ڏي). مدد ملڻ سبب هٿي اچڻ.
– **پاسو وڻڻ:** پاسو ڪرڻ – هڪ پاسيرو ٿيڻ – پري ٿيڻ. طرف ڪڍڻ – طرفداري ڪرڻ – حمايت ڪرڻ. پاسو جهلڻ.
– **پاسو هڻڻ:** ڪلهو هلڻ – ٽيلهو ڏيڻ. برابري ڪرڻ.
– **پاسي:** ظرف. طرف طرف ڏانهن. هڪ طرف. پري – پرپرو. جدا – علحده.
– **پاسي پر:** ظرف. هڪ پاسي تي – پاسيرو.
– **پاسي پوڻ ۾ پاسي پوڻا:** ذ. صفت. ڏاهرو – ضعيف – هيٺو – ڪمزور.
– **پاسي پوڻي (ت):** ث. صفت. دشمنياڻي. ڀهاڙ.
– **پاسي وارو هُنڊ:** پٽ وارو هنڊ. هلندي وارو هنڊ. پاس وارو هنڊ.
• **پاسيرائڻ:** ٿ. ڏارين مان شادي ڪري آندل چوڪري. (ڏاڏي پوڻي، جو ضد).
• **پاسيرڻ (ل):** ث. ويم کان اڳ ڪيس ٿيڻ آيل عورت.
• **پاسيري ۾ پاسيون (ل):** ث. ڪامڙين جي اصطلاح ۾ (ڪاتي، لاٿي) واهه جو هڪ پاسو.
– **پاسي پٽڻ:** ڪاتي، ۾ واهه يا ڪڙئي جو پاسو پٽڻ.
• **پاسيات:** ظرف. [سن. پارْشوَ] ڏسو "پاسات".
– **پاسيرو ٿيڻ:** ڏنگو ٿيڻ. پرپرو ٿيڻ. لڪي وڃڻ. رخ بدلائڻ.
– **پاسيرو ڪرڻ:** هڪ پاسي تي ڪرڻ – پاسي پر ڪرڻ. ڪر کان نڪائڻ.
• **پاسيل (ت):** ذ. وار لٽل جمڙو.
• **پاسينجر، پاسينگر:** ذ. [انگ. Passenger] مسافر.
• **پاش ج پاشا:** ذ. [سن. پاش = ڦاهو] ڦاهو – ڦاهي – ڦاسي.
• **پاش:** ذ. [ف. پاشيدن = ٽڪر ٽڪر ڪرڻ – چٽڪڻ – ٻرڪڻ] ٽڪر – ذرو – ڪڇو. چنڪار. ٻرڪڻ. هي لفظ اڪثر مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ ڪر اچي "جگرپاش. نمڪ پاش وغيره".
– **پاش پاش:** ذ. ٽڪر ٽڪر – ذرا ذرا.
– **پاش پاش ڪرڻ:** ٽڪر ٽڪر ڪرڻ – ذرا ذرا ڪرڻ. نيست نابود ڪرڻ.
– **پاشي:** ٿ. چٽڪار – ٻرڪ – هي، لفظ. عموماً مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ ڪر اچي ٿو. "نمڪ پاشي. آب پاشي وغيره".
• **پاشا ج پاشا:** ذ. [ف] تُرڪستان ۽ مصر ۾ سردارن جو لقب. سردار – امير.
• **پاشوت (ڪ):** ذ. ڏوڙ – پورته
– **پاشوت ڪرڻ:** ڏوڙ ڪرڻ – پورت ڪرڻ. اڇهاب ڪرڻ. وهت جو ڏوڙ ڪرڻ بعد متي، ۾ ليٽڻ ۽ آرام ڪرڻ.
• **پاڪائي ج پاڪائيون:** ث. صفائي – پوترتائي. اڇتائي – نرملتا. سڌائي.
– **پاڪباز ج پاڪبازَ:** صفت. [ف. پاڪ + بازيدن] پاڪائي رکندڙ. صاف دل – پاڪدامن. نيڪ دل. خاڪسارن جي هڪ گروه جو سپاهي.
– **پاڪدامنُ ج پاڪدامنَ:** صفت. [ف. پاڪ + دامن] پرهيزگار – باعصمت – گناهن کان آجو.
– **پاڪن پاڪ (ت):** ذ. الله تعاليٰ جي پاڪائي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. نهايت پاڪ
– **پاڪي:** ث. پاڪائي – پاڪيزگي – پاڪدامني – پرهيزگاري.
– **پاڪيدو ج پاڪيدا (س):** ذ. صفت. پاڪ – پاڪائي وارو.
– **پاڪيزگي:** ث. پاڪائي – صفائي.
– **پاڪيزه:** صفت. پاڪ – صاف.
• **پاڪستان:** اسم خاص [ف] ايشيا کنڈ ۾ مسلمانن جو هڪ جمهوري ملڪ (۱۴ ـ آگسٽ ۱۹۴۷ ع تي برطانيه کان آزادي حاصل ڪيائين. پهريون گورنر جنرل قائد اعظر محمد علي جناح هو).
• **پاڪ سنگهار:** ث. اسم خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پاڪوڙ ج پاڪوڙا:** ذ. ڪوڙي تهمت – غلط الزام. (صفت) ڏوهاري – الزام رکندڙ – غلط دعويٰ ڪندڙ.
• **پاڪوڙ وجهڻ:** ڪوڙي تهمت مڙهڻ. ڪوڙو الزام رکڻ.
• **پاڪي ج پاڪي:** ذ. وارن ڪوڙڻ جو هڪ خاص اوزار – استرو.
– **پاڪي پڇاڙ (ت):** پاڪيء مان ڪڍ ڪڍڻ لاءِ ڪپڙي تي هٿي مارڻ ڏيڻ.
– **پاڪي ڪُهاڻ:** متو ڪوڙڻ. اتڪل سان نڪڻ.
– **پاڪي لاڻ:** پاڪيء کي روهيء تي تڪو ڪرڻ. نڳيء جي نيت ڪرڻ. وڏيڪ ملهه وٺڻ.
– **پاڪي مانڊ:** پاڪيء لاڻ ڪان پوء جمڙي يا ڪاتيء تي هٿي ڪهراڻ لاهڻ. پاڪيء کي ٽيڻ.
– **پاڪي مارَ ج پاڪي مارَ (ت):** ذ. صفت. شوم. بخيل. ڪنجوس.
• **پاڪيٽ ج پاڪيٽ:** ذ. [انگ. Pocket] ڪيسو – ٻٽوڻ. [واڪي] پوڙهو آڻڻ.
• **پاڪ:** ث. چڊي لسي – سُڪيء جو سوراخ (جنهن ۾ ڏاڳو پوي) – پاڪو.
– **پاڪيو ٿيڻ:** حفاظت ۾ هجڻ.
– **پاڪي ج پاڪريا:** ذ. صفت. پاڪ. پهريل. عزت وارو – امن ۾ آيل. مقبول پيل.

• **پاکڙ ج پاکڑين (ت):** ث. ڍڪي ويل بکري.

• **پاکڑي ج پاکڑين:** ث. [سن. پنکل] ٻيڙي – ڪشتي. "پاسا پاکڑين جا. سمنڊ تو سيکي" (شاهه).

• **پاکَلاج پاکَلاين (ت):** ث. پسگردائي.

• **پاکَنڈُ ج پاکَنڈَ:** ذ. [سن. پاشنڈ] ڪر – ڪپٽ. دولاب – دلبو – ڏونگ – مڪر – بيمائي – ڪيڏ – اٽڪل.

– **پاکَنڈي ج پاکَنڈي:** ذ. صفت. ڦهروپي – مڪريل – دغاباز – ڏوهه ڪندڙ – فريبي – دوکيباز – ٺڳ – گنهگار. ڪپٽيو.

• **پاکو ج پاکا (ل):** ذ. سَٽي، ٻر ڏاڳي وڇڻ جو سوراخ – پاهو (ت) ٽنڊ – سوراخ. ڪوڏر. ڪهاڙيءَ ٻر ڳڻ وڇڻ وارو ٽنگ. ڳڻ وڇڻ وارو پاسو. (صفت) ڇيدو (ڏ ڏ وغيره).

• **پاکوڙو ج پاکوڑا (ت):** ذ. ڄوتو – گهيتلو. رڪاب

• **پاکولي ج پاکوليُون (ت):** ث. جهنگ ٻر هَرڻ جي ويهڻ جي جاءِ.

• **پاکُون:** ذ. تر جو ناري ۽ خيريور وارو حصو – آڇڙو ٽرُ. (ظرف) چوڌاري – آسپاس.

• **پاکي (ک):** ذ. زَچ جو هڪ قسم (جنهن سان مانگر مڇ ڦاسائجن). سَنهن آکن وارو جارُ. (ت) ڇِدِي – پَٽڑِي پاٽياڻي. ڇِدِي لسي – جهَڙ ـ مڪڻ نڪتل ڪڍيل لسي. "پاهي پاکي پٽڑي، ٻرين ساڻ پيان" (شاهه).

• **پاکيڙ (ک):** ث. پَکيڙَ – ڪِنڊ – ويڪراڻ – ايراضي.

• **پاگو ج پاگا (ت):** ذ. [سن. پدَ = پير] پائو – پاڳو (ڪٽ يا ميز جو).

• **پاگوڻي:** ذ. [سن. پد = پير] ويهڻ جو هڪ نمونو. پائولي – پلٿي.

• **پاگوڙو ج پاگوڑا (ت):** ذ. ڏسو "پاڳوڙو".

• **پاگوڙي ج پاگوڑيُون (ت):** ث. آڇن ٻيرن واري بکري.

• **پاڱَ ج پاڱون (ل):** ث. [سن. پٽ، پٽ = ڍڪڻ] پَڳَ – پٽڪو. عزت. اڇواٽي.

– **پاڱ پاڻي پوري ڪرڻ:** تمام گهٽي نقصان جو پورائو ڪرڻ. پٽڪو ميڙ رکي ڪم ڪيڻ.

– **پاڱَ پوتي جت ٽيڻ:** آلهو ٽلهو ناس ٽيڻ. گهر ٻر رلي ٻ ڏ ٻجڻ. سَڄ ٽي وڃڻ.

– **پاڱَ ج پاڱَ (ت):** ذ. [سن. باد = پير] پيرَ – پَڳَ.

– **پاڱي ج پاڱي:** ذ. صفت. پير ڪٽندڙ (چورجو) پيرادو پيري.

• **پاڱَل ج پاڱَل:** ذ. صفت. [سن. پاڪ + ل] ڏهني مريض. چريو – مست – ديوانو – اڌ مغزي. سودائي – خفقاني – بيوقوف – احمق.

– **پاڱلپڻو:** ذ. چريائي – ديوانگي. بيوقوفي – حماقت. سوداءَ – خفقان.

– **پاڱل خانو ج پاڱل خانا:** ذ. چرين جي اسپتال. (جنهن ٻر چرين کي رهائي، دماغي علاج ڪيو وڃي).

• **پاڳو ج پاڳا:** ذ. [سن. پاد = پيرَ] پايو – پائو (ڪٽ، ميز وغيره جو).

• **پاڳوڙو ج پاڳوڑا (ت):** ذ. [سن. پاد = پيرَ] رڪيب (هني يا پاڪڙي جو)

• **پاڳهه:** ذ. ٽاهري يا ٻلاءِ تي مٽان رڪيل ميوات.

• **پاڳهو ج پاڳها (ت):** ذ. گوڏو.

• **پال:** ذ. [سن. پلّ = گاهه] ميوي ڀڄائڻ جو هڪ طريقو (ڪڇو ميوو مٽ، ڪَڏَ يا پاندي ٻر وڇهي مٽان گاهه رکي بند ڪري ڇڏڻ. جيئن ڪڇهه ڏينهن گرميءَ ٻر پڄي وڃي). (صفت) پڪل – ڳاڙهو – "سُورن ساڙي آهيان، ڪيس ٻُورن پال".

– **پال ٻر ٻوڙ:** پاڻ کي تڪليف ٻر وڇهڻ.

– **پالِ وڇهڻ:** ڪوب ميوو (خصوصاً انب، پپيتو ڪيلو) ڀڄائڻ لاءِ ڪڪن پنن ٻر بند ڪري مٽ يا پاندي ٻر رکڻ.

– **پالِي ج پالي:** ذ. صفت. پال جو – پال وارو – پال ٻر پڪل (انب، ڪيرو وغيره).

• **پالُ ج پالَ:** ذ. [سن. پتَل] اُس يا مينهن کان بچاءَ لاءِ تنگيل ڳوڻ يا ڪپڙو. "جان ونا مينهن ملڪ تي، آڏيا پنهوارن پالَ" (احمد شاهه). در تي پردي طور تنگيل ڳوڻ. ٻيڙيءَ جو سڙهه ـ جوپائي مال جي پٺيءَ تي وڏل ٽپڑي ـ وڏو ٻورو. خرچين.

• **پالاڄ ج پالاڄ (ک):** ذ. زَچ جو هڪ قسم (سَنهَن ڦندن وارو).

• **پالارُ ج پالارَ:** ذ. [سن. پَلوَ] وڻ جي پاسن کان اڀتي وڌيل ڏاري – لام – پالنُر – زمين جو مٿيون وارياسو تهه.

• **پالارڻ (ل):** مصدر. گيهه تپائي ڪٽو ڪرڻ. گيهه مان آکر ڪڍي صفا ڪرڻ. ڏتارڻ. دلبو ڏيڻ. ماٽرائڻ – ماٽ ڪرائڻ (جت بڏي). (پالارڻ – پالارينڊو – پالارڻ).

• **پالاري:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پالانُ ج پالانَ (ل):** ذ. [ف] (وهٽ جي پٺيءَ تي بچاءَ خاطر) ڪپڙو يا گدي.

• **پالِي ج پالِيون:** ث. ويهڻ جو هڪ نمونو. ڏسو "پلٿي يا پائولي".

• **پالَتَ ج پالَتَ:** ذ. ڪورين جو هڪ اوزار (ناڃيءَ کي بيٺ هٺڻ ۽ سنوارڻ لاءِ).

• **پالتو ج پالتو:** ذ. [پرا. پلتو: سن. پَرْيَشْتَ] لوهه جو هڪ قسم. (صفت) پلتيل – پلت ٽيل (ڏاتو) – پگهريل – ڳريل (ڏاتو).

• **پالر (ت):** ث. ڇِدي لسي.

• **پالرُ ج پالرَ:** ذ. [سن. پلوَ = ناري] وڻ جي پاسن واري ناري – پالوندر.

• **پالِش ج پالِشُون:** ث. [انگ. Polish] چمڪو – صفائي – اوجر. بوٽ وغيره کي چمڪائڻ جو روغن "پنسل پالش، بوٽ پالش". پاهريون ڏيکاءُ.
– **پالش ٿي ٻوڙ:** رڳو پاهرئين ڏيک وارو ٿيڻ – چمڪدار ٿيڻ.
– **پالِش ڪرڻ:** چمڪائڻ – صيقل ڪرڻ – اُجارڻ – ڪٽ لاهڻ.
• **پالْڪ:** ث. [سن. پالَنڪَ] پاڇيءَ جو هڪ قسم – سائي پاڇي – پاڇي – ساڳَ (پالڪ ٻن قسمن جي ٿئي. هڪ سڏي پالڪَ ۽ ٻي ڪاڇڙ يا ولائتي).
• **پالْڪِي:** اسم خاص. گهوڙاباري. ميرپور بلوري ۽ شاهبندر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **پالِڙ (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پالِيپور پالهيپور:** اسم خاص. هندستان ۾ هڪ رياست جو نالو.
– **پال:** ذ. صفت. پالينڊڙ – نپائيندڙ – تانيندڙ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "ڪٽوپال، رکپال، جڳ پال وغيره".
– **پالُو ج پالُو:** ذ. صفت. پالِيل – ڏاريل – هيرايل (جانور پکي).
– **پالْڪ:** ذ. صفت. [سن. پالَڪ] پالينڊڙ – مددگار – پرجهلو – سنياليندڙ – نپائيڻ. پالِيل – پرورش ڪيل.
– **پالِنا ج پالِنائون:** ث. پرورش – تربيت – سنڀال – حفاظت.
– **پالْڻهارُ ج پالْڻهار:** صفت. پالينڊڙ. سنياليندڙ – روزي ڏيندڙ – پرورش ڪندڙ. (اسم خاص). پروردگار.
• **پالوٽ ج پالوٽون:** ث. [سن. پَريستر +ڪ] اَٽل (پاڻيءَ جي) ٻلت – طغياني – جهجهائي – گهٽائي – ڪثرت.
• **پالوريو (جمع) پالوريا (ت):** ذ. جاگري ٻير جو ڪندو.
• **پالوڙ ج پالوڙ:** ذ. صفت. پالِيل – هيرايل – ڏاريل. "جهنگلي" جو ضد (ث) پالوڙَ ج پالوڙون.
• **پالْهو ج پالْها:** ذ. [سن. پالِيَنْڪ = پينگهو] ڪجاڻو – پالکي. پينگهو. ڪنڌو. مصدر. "پالڻ". اسم استقبال.
• **پالونڊرَ ج پالونڊرَ (ل):** ذ. [سن. پلَوَ = ٽاري] سنهي ٽاري – پالاڙ.
• **پالهاڙ (ت):** مصدر. خالي ڪرڻ – ٽلهو ڪرڻ. واندو ڪرڻ.
• **پالهائي:** ث. سُڃائي – سکڻائي – ٽلهائي. ناداري – مسڪيني. واندڪائي.
• **پالِهو ج پالِها:** ذ. صفت. ٽلهو – سکڻو – سُڃو – ڪنڊل – پينگيو – واندو – آجو – خلاصو – ريڪرو – وائکو – پٽاريل (ڪ). (ث. پالِهي ج پالِهيُون.
– **پالهو ڪرڻ:** خالي ڪرڻ – ٽلهو ڪرڻ – سُڃو ڪرڻ – ڦري پينگيو ڪرڻ.
• **پامال:** صفت. [ف] لتاڙيل. خراب – تباهه – برباد. نابود.
• **پامقريت (ڪ):** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **پامڻ:** ذ. پالنا – مهرباني.
• **پامڻ:** مصدر. ٻَڌجڻ – سوگهو ٿيڻ – لنگر هڻڻ. (پاميو – پامندو – پاميل)
• **پاميرُ:** اسم خاص. وچ ايشيا ۾ هڪ مٿانهين جاءِ (پنجويهه هزار فوٽ اوچو. هن کي دنيا جي ڇت چون ٿا).
• **پانْ:** ث. دانَ – ٻڪيا – خيرات – آڏ – جهلَ – چاب (پاڻيءَ جي).
– **پانَ پِڻڻ:** دانَ ونڻ – ٻڪيا ونڻ – خيرات گهرڻ.
• **پانْ:** ذ. [سن. پَرْنَ] تاس جي جڏن رنگن مان هڪ رنگ – لال پانْ. ول جو هڪ قسم (جنهن جا پن، ڇنو ۽ ڪاٿو هڻي. سوپاريون ۽ خوشبوءِ وغيره وجهي ڪائبا آهن) – تنبول – پان جي ول. پان جو پز (جنو ۽ ڪٿو لڳل ۽ سوپاريون پيل).
– **پانَ پاڙ:** ث. پانَ ول جي پاڙ. (دوا طور ڪم آڇي).
– **پانْدانْ ج پانْدانْ:** ذ. پانن رکڻ جو ڊبلو.
• **پانارو ج پانارا (ت):** ذ. ماتارو – نيسارو.
• **پاناما:** ذ. اُتر ۽ ڏکڻ امريڪا جي وچ ۾ هڪ ملڪ ۽ نار.
• **پانِت ج پانِتُون (ل):** ث. واڌَ ـ ۽ وانَ جي وچ ۾ نندي واڌَ – چندي.
• **پانْتِرڻ (ث):** مصدر. پُلجڻ. ڄڪ ڪرڻ – وسارڻ. (پانتريو – پانتريل).
– **پانْتَرَ:** ث. پَل – ڄڪ – غلطي – ويسر.
– **پانْتِرو:** ذ. صفت. ويسارو – ترڙو – هلڪي ۽ طبيعت وارو – لڄ.
• **پانْتو (ل):** ذ. تندو – رسو.
• **پانْتَڻُ (ث):** مصدر. هٽ جڙهڻ – اوچتو هٽ لڳي وڃڻ. ور جڙهڻ – داءُ ۾ اچڻ. (پانتيو – پانتيل).
– **پانتي پَوڻ:** هٽ جڙهڻ – وَرَ ۾ اچڻ – گڏجي وڃڻ.
• **پانْپ (ل):** ث. آپت – پنهنجائي.
• **پانْپِرو ج پانْپِرا (ل):** ذ. پاپرو – ڏاکڙو – ڪشالو. ڪاسارو – محنت – تڪليف.
– **پانْپِرا پِڻڻ:** ڏوجهرا سهڻ – تڪليفون ڏسڻ.
• **پانْڇ ج پانْڇُون:** ث. ڏيگهه – لام (جانور جي پٺي جي).
• **پانجارِجَ (ل ث):** فعل مجهول. [سن. پَنْچ = پنج] پنجن سالن جي عمر کي رسڻ – پنجين ڏندين ٿيڻ. (اَٽ. گهوڙو. ڍڳي).
– **پانْجاريل، پانجاريو:** ذ. صفت. پنجن سالن جي عمر جو (اَٽ. گهوڙو. ڍڳي).

• **پانجاري ج پانجاريون:** ث. [سن. پَنْجر = گدّ – ملائڻ. جوڙو ڪرڻ] هر ڪاڏيءَ ۾ ڍڪڻ جي ڳڄين ۾ رڇهڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل چوٽڪو. پاڃاري.

• **پانجالي ج پانجاليون:** ث. [سرائڪي] ڏسو "پانجاري".

• **پانجاهو(ت):** ذ. ڳڻون يا مينهن جو ڦرڻ بعد پنجين مهيني لاڳو اوهڙ.

– **پانجاهو سورڻ:** پنجين مهيني اوهڙ لاهڻ – اوهڙ وڌائڻ.

• **پانجيرو(ث):** ذ. ڏسو "پانجاهو".

• **پانجهيرو ج پانجهيرا (ث):** ذ. ٽورو ڏکو.

• **پانڇ:** ث. ويڪر – موڪراڻ – ور.

• **پانڇ ج پانڇ:** ذ. لوڙ جو سُٽيو – ساٿر – ٽوڙهو (ڳَهُ).

• **پانچاري ج پانچاريون (ل):** ث. قطار – لائڻ – سٽ.

• **پانچو ج پانچا:** ذ. سُٿڻ يا پاجامي وغيره جو پير – ٻَهيڻ (ت). ساريال کي ڏنل گهٽو پاڻي.

• **پانچو پَسائي ويهڻ:** اوسيڙي ۾ رهڻ – انتظار ڪرڻ. هاراڻي ويهڻ – هار کائڻ. ڊپ کان مَٽي ويهڻ. بزدل ٿيڻ.

– **پانچو ڪيڻ:** ساريال فصل کي ٻي انداز پاڻي ڏيڻ.

• **پانڇي:** اسم خاص. بدين تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پان چيڙِ (ل):** ذ. اوني مال جي هڪ بيماري (اٽ جي اوهڙ ۾ ڳنڍيو يا ڳَرُ جنهن مان رت وهندو رهي).

• **پانڊ ج پانڊ:** ذ. [سن. پُرانتَ < پرَ = چوڌاري + أنتَ = حد. ڪنارو]. پلوُ – پلاند – دامن. جهولي – ڍڪ – پردو – حَد – ڇيهه – ڪنارو. "خاوند تنهنجي ڪاندَ جو پَرو پاند نه ڪيو."

– **پانڊ آڃا ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ – واندو ٿيڻ – آزاد ٿيڻ – ذميداريون پوريون ڪري ڇڏڻ. چوٽڪارو حاصل ڪرڻ. قرض لاهڻ.

– **پانڊ انڪائڻ:** پلاند انڪائڻ – هٽ ڳنڍڻ – وهنوار رکڻ – مائٽي ڳنڍڻ – ٽورو واسطو رکڻ – ٽورو تعلق ڳنڍي ڦاسي وڃڻ.

– **پانڊ اڙائڻ:** پلاند انڪائڻ – پاڻ ڦاسائڻ – وهنوار رکڻ – لاڳاپو رکي ڦاسي وڃڻ.

– **پانڊ پاڻڻ:** ڳجيءَ ۾ ڪپڙو پائي منٽ ڪرڻ – آزي ڪرڻ – عرض ڪرڻ – ليلاڻڻ.

– **پانڊ پَسارڻ:** پلاند پکيڙڻ – جهولي پکيڙڻ. ڏنڊي يا ڪمر کي وڌائڻ – وڌائي قدم رکڻ.

– **پانڊ پَسارڻ:** ٽ. جوئر جو هڪ قسم (جنهن مان آيون جي حالت ۾ سفيد رس نڪري).

– **پانڊ پَساڻڻ:** دامن آلوده ڪرڻ – گناهه جو ڪم ڪرڻ. "آيا ائين جون، منجهن پاند پَساڻيين" (شاهه).

– **پانڊ خالي ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ. آزاد ٿيڻ – فارغ ٿيڻ. قرض ادا ڪرڻ – تعلقات ختم ڪرڻ.

– **پانڊ ۾ پاڻڻ:** جهولي ۾ جهلڻ – حاصل ڪرڻ – ونڊ – صبر ۽ شڪر سان قبول ڪرڻ. "پاند ۾ پائي، ڏيو ڪِيني وارو ڪيِنڪي" (شاهه).

– **پانڊ ۾ پٽائڻ:** خوار خراب ڪرڻ. دربدر ڪرڻ.

• **پانڊا:** ذ. ڏُهائيءَ ۾ پڇاڙيءَ جا گَنوها (هي لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي). ڪير واريءَ ڳڻون وغيره جو پڇاڙيءَ وارو ڪيرُ. ڏسو "پانڊ".

– **پانڊا ڪيڻ:** ڳڻون يا مينهن وغيره جا ڏُهائيءَ وقت آخرين گنوها ڪٽڻ – ٽورو ڪيرُ ڏُهڻ.

– **پانڊر ج پانڊرَ:** ذ. پُڇڙي – پوڇڙ. ڪمند. جوار يا باجهريءَ جا پاند يا پڇڙيون.

• **پانڊوج پانڊا:** ذ. ٽنڊو. سگو. پاند – پوڇڙ. سنهي ٽاري.

• **پانڊي ج پانڊيُون:** ث. [سن. پِنْجَڪا] ٽَڪ تي ويڙهيل سُٽ جي ڊيري. ڪجي ڏاڃي جي ڊيري (جا ٽَڪ تي ڪتيل هجي. هڪڙي پانڊي پوري ڪري وري بي پانڊي ڪتڻ شروع ڪبي آهي). هڪڙهه جو ڏرو. ڪيڙي جي ٽاڪِئي جي پڇڙي وارا ڏاڃا – ڏُهي – جڏن ۾ ٽيل گوڙهي. ويلڻ.

– **پانڊي پُوري نه ٿيڻ. نه پوڻ:** پورت نه ٿيڻ. خرچ جو پورائو نه ٿيڻ. ڪمائيءَ کان خرچ وڌيڪ هڻڻ. ڪمائي ٿوري خرچ گهڻو هڻڻ. "ڪتيبر ڪَل جمار. تہ بہ پانڊي پوري نہ ٿئي" (شاهه).

• **پانڊا (ت):** ذ. پڇاڙيءَ جا گَنوها. ڏسو "پاندا".

– **پانڊا ڪيڻ:** گَنوها ڪيڻ – ٽورو ڪيرُ ڏُهڻ.

– **پانڊا وڃڻ:** فائدو حاصل ڪرڻ.

• **پانڊاڙو ج پانڊاڙا (ڪ):** ذ. پنڊ جو اُجورو (جو قاصد کي ڏجي). مقابلو.

• **پانڊي ج پانڊيُون:** ث. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – ناڃيءَ کي سوگهو جهلڻ جو اوزار.

• **پانڊي ج پانڊي:** ذ. صفت. [سن. پَنْڊ. پَنْڊ – وڃڻ] پنڊ ڪندڙ – واٽهرو. مسافر – قاصد – نياپو آڻيندڙ. "ٽيان قربان اڄ اينديو، پرينءَ جي پار جو پانڊي". (ث) پانڊ پائي ج پانڊپائيون.

– **پانڊي پڻو، پانڊي پڻو ج پانڊيڙا، پانڊي پڻا:** ذ. صفت. پانڊي – واٽهرو – قاصد. زيارتي.

– **پانڊيڙو ج پانڊيڙو:** ذ. صفت. پنڊ ڪندڙ – پانڊي ـ قاصد. مسافر – واٽهرو.

– **پانڊياڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **پانڊپ ج پانڊپ:** ذ. [سن. پانڊو] سردار، مهندار. "پانڊپ سين نہ پاڙيان، سوين پيا سردار" (شاھ).

• **پانڊو:** اسم خاص. [سن] هستناپور جي هڪ قديم راجا جو نالو (جو پنجن پاندون يڏ شڏن نڪل. سڌديو پيءِ ۽ آرجن جو پيءِ هو ۽ انهن پاندون جي ڪورون سان لڙائي مشهور آهي).

• **پانڊوڙي ج پانڊوڙيُ (ث):** ذ. نانگ جو هڪ قسم (قد جو ڇوٽو ۽ ٽلهو ٿئي ٿو).

• **پانڊي ج پانڊي:** ذ. ڪڏڻ سان گڏ ڊولڪ وڄائڻ وارو ۽ اُنهن سان گڏ اڳواڻي ڪندڙ. بي غيرت – دلال – ڪَجَرُ.

• **پانڊيچيري:** ث. اسم خاص ڪارومنڊل ڪناري تي فرينچن جو علائقو.

• **پانڊيءِ پانڊيُن (ت):** ث. ڏيکو. ڳهل.

• **پانڊيو ج پانڊيا (ڪ):** ذ. عهد – اقرار – انجام. پهلوان.

• **پانڊوِي:** ث. هڪ خوشبوءِ دار ٻوٽو (جنهن جا پن ڪيڙن ۾ سرهاڻ لاءِ وڇهبا آهن).

• **پانڊُرَ ج پانڊُرَ:** ذ. ڪوركي ڪر جو هڪ اوزار (رَڄ ۽ پيرڙين جي وچ ۾ پَڏل ۽ ڪاليون).

• **پانڊُصَدي:** ذ. مغلن جي حڪومت ۾ پنجن سون سپاهين جي اڳواڻي وارو هڪ عهدو.

• **پانڪ ج پانڪون:** ث. گلن ڦلن جي پرت واري هڪ پتي. پامڪ – گوتو.

• **پان ڪپورُ:** ذ. ڪُرن ڦُل.

• **پانڪَجَنُ (ل):** فعل مجهول. اُپرو ٿيڻ. ڏَهرو ٿيڻ (وهت).

• **پانڪو ج پانڪا (ت):** ذ. صفت. چدو – پٽڙو.

• **پانگارَ ج پانگارَ:** ذ. ٻيڙيءِ جي ناتاريءِ کي ٻڌڻ جو ٽلهو رسو (ڪ). مڇيءِ جي جار يا پَن کي ڪيڻ لاءِ مَڇ مان ٺهيل ٽلهو رسو.

• **پانگرَ، پانگوَ ج پانگرَ، پانگوَ (ث):** ذ. ننڍو ڪاٺ – ڪٽواٽ.

• **پانگيرڻ (ث):** مصدر. گونج ڪيڻ – ٻور جهلڻ – موڙڻ. (پانگريو – پانگرندو – پانگريل).

• **پانگيرڻ (ڪ):** مصدر. پاڻ سان گڏ ٻيهڻ – ساڻ وٺي وڃڻ.

• **پانُوَ:** ذ. صفت. بهادر – پهلوان – مڙس. ڏاهو. سياڻو. پناهه ڏيندڙ. ڏسو "پانڊپ".

• **پانر ج پانا (ل ث):** ڪير پياڪ ٻار لاءِ ماءُ جي ٿڻ مان ڪير اڇڻ. پيچ ڪش (هڪ قسم جو اوزار) (ڏهسن نامي جو اصطلاح) ڄنڊ. ڇنڊ.

• **پانُورَ، پانُشرَ:** اسم خاص. ٽر جو هڪ خاص حصو. ڏٽ وارو خطو.

• **پانُويزُ ج پانويزَ:** ذ. ڏسو "پازيب".

• **پانهنجو ج پانهنجا:** ضمير. پنهنجو.

• **پانُهَونُ:** ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم (سرهو گاهه جو جبل ۽ وارياسي زمين ۾ ٿئي. تاريون ۽ پن ڪهرا ٿين).

• **پانُهَونُ، پانُهيُن (ل):** ظرف. يڪيان – پوئتي – پٺتي.

– **پانُهيرو ج پانُهيرا (ل):** ظرف. پوءِ پرو – ٽوري ديرسان.

• **پانُهيرو (ڪ) ذ.** ڏيتي ۽ وڻ جو هڪ قسم (جنهن ۾ گولن جهڙو ڦَرُ ٿئي ۽ ساندڻاٽو نهي).

• **پانُهَ (ث):** ث. ڪاڇي – خارش – ڪَهه. اُٺ ڪي خارش جي بيماري.

• **پانُهَ پَٽرو (س):** ذ. صفت. سهڻن پيرن وارو. (جنهن جي جُتيءِ تي جانديءِ جو ڪم ٿيل هجي). ڏسو "پٽرو".

• **پانُشَڻ ج پانشُونُ:** ث. هُنديءِ جو پيو فرد. جُتيءِ جي تري وارو چمڙو.

• **پانُيارو ج پانُيارا (ث):** ذ. نار يا هُرلي وهائڻ جو عوضو يا مسواڙ.

• **پانُياري ٻوڙ:** مسواڙ تي هجڻ. مدد وٺڻ. ڇڻي ٻوڙ. نقصان ٻوڙ.

• **پانيرو:** ذ. [انگ Paneero].

• **پانيلُ ج پانيلُ:** ذ. ڪينسي درٻن. درين ۽ ڪَبَٽَنِ جي طاقن ۾ ڪر ايندڙ لوهه يا ڪاٺ جا پڙچ.

• **پانيلي:** ث. گاهه جو هڪ قسم (ث). (اسم خاص). تعلقي ڏيهلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاڻ:** ضمير. مشترڪ خود – پنڊ.

• **پاڻ (ث):** ث. جانورن جي پيڄڻ – پيڙ – پاڻ (ت) – ڪُلف.

• **پاڻُ ج پاڻُ (ل):** ضمير. [سن. آتما] خود – پنڊ. ڏاڻي – تڪبر. خودي. هستي. هَتُ – غرور. "پاڻُ مَ ڪڍ پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ" (شاھ).

– **پاڻ، پاڻان:** ظرف. پاڻ ڪان – پاڻون – پاڻهين. پاڻمرادو. پنهنجي خيال مان – پنهنجي هَتُ مان. هڏان هڻان. "پاڻان ڄُوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو" (شاھ).

– **پاڻا جاڻي، پاڻان جاڻي:** ظرف. جاڻي واڻي – جاڻي ٻجهي. خود بخود – پاڻهين. پنهنجي ارادي يا پنهنجي خوشيءِ سان.

– **پاڻا ياسي هڻڻ:** پنهنجي خبر نہ هڻڻ. هوش مان نڪتل هڻڻ. سخت بيمار هڻڻ. وسيلو هڻڻ. نفس کي ماري ڇڏڻ – وڏي مصيبت ۾ مبتلا هڻڻ.

– **پاڻا ڏيڻ:** پنهنجي هڙ مان ڏيڻ – هڏان ڏيڻ.

– **پاڻ اڻڻ:** پاڻ حوالي ڪرڻ.

– **پاڻ پاڻڻ:** وڏائي ڪرڻ – فخر ڪرڻ.

– **پاڻ پراڻي:** ث. پاڻ تي پاڙڻ جي حالت. خود اعتمادي. جڳيلائي.

– **پاڻ پرو ج پاڻ پرا:** ذ. صفت. پاڻ تي پاڙيندڙ. ڏندين ڏاند – پنهنجي

مڙسيءَ وارو – پاڻ زوري – خود مختيار – ٽورو جگو پلو – ساهه سنو.

– **پاڻ پرو ٿيڻ:** خود مختار ٿيڻ – طاقت وارو ٿيڻ. شاهوڪار ٿيڻ.

– **پاڻ پرو ڇ پاڻ پرا:** ذ. صفت. پنهنجو پيٽ پرينڊ – خود غرض – خود مطلبي.

– **پاڻ پيري:** ذ. پنهنجي ڪم وقت.

– **پاڻ پلائڻ:** پنهنجو پاڻ موڪڻ. ڪنهن تي احسان ڪرڻ – ٻئي تي جڳائي ڏسڻ کان سواءِ پلائي ڪرڻ.

– **پاڻ پر:** ظرف. پاڻ پر. پنهنجائيءَ پر ـ پنهنجن متن مائٽن پر ـ پنهنجي سنگت ساٿ پر.

– **پاڻ تي وسائڻ:** ٻئي کي چڏي پاڻ تي جوابداري کڻڻ. ذميداري کڻڻ. جوکم کڻڻ.

– **پاڻ پتوڙڻ:** مٽا ڪت ڪرڻ ـ تمام گهڻي محنت ڪرڻ.

– **پاڻ پچائڻ:** پنهنجي جسم کي سختيون ڏيڻ – من مارڻ. خواهشن تي ضابطو رکڻ.

– **پاڻ پرڙ ڇ پاڻ پرڙ:** ذ. صفت. رڳو پنهنجو پيٽ پرينڊ – خود مطلبي. ڏسو "پاڻ پرو".

– **پاڻ پڻو:** ذ. خودي – هستي – انانيّت. آپو. هٺ – تڪبّر.

– **پاڻ پيڻ:** من تي قبضو رکڻ. ڪاوڙ مارڻ. برداشت ڪرڻ.

– **پاڻ ڄاڻائڻ:** پاڻ سڃاڻائڻ – پنهنجي واقفيت ڪرائڻ. پاڻ کي ظاهر ڪرڻ.

– **پاڻ جهلڻ:** پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ. سَڏُن روڪڻ. دنيوي خواهشن کان آزاد رهڻ.

– **پاڻ جهلي نه سگهڻ:** بي اختيار ٿيڻ – بيوس ٿيڻ.

– **پاڻ سَرتو ڇ پاڻ سرتا:** ذ. صفت. هڪجيڏو – هر عمر. دوست – يار – سنگتي.

– **پاڻ سنڀالڻ:** پاڻ کي روڪڻ – ڪنهن نقصان واري ڪر کان پاڻ کي بچائڻ – پنهنجا پير جهلڻ. پنهنجو هوش رکڻ – عقل ياد اچڻ.

– **پاڻ ڪڍائڻ:** ڪنهن ڪم جي جوابداريءَ مان پاڻ کي بچائي وڃڻ. ڪنهن ڪم ڪرڻ کان نٽائڻ لاءِ بهانا ڪرڻ – ذميواري نه کڻڻ.

– **پاڻ ڪيي وڃڻ:** پنهنجي جند چڏائي وڃڻ. ڪنهن تڪليف واري ڪم مان نڪري وڃڻ. اڻڪل سان پاڻ کي بچائڻ.

– **پاڻ کان باهر نڪرڻ:** گهڻي ڪاوڙ يا گهڻي خوشيءَ ڪري آپي کان باهر نڪرڻ. وس کان نڪري وڃڻ. ڏاڍي ڪاوڙ ڪرڻ. سخت غصي ۾ اچي وڃڻ. هوش حواس نه رهڻ.

– **پاڻ ڪٽڻ:** ساهه ٽٽڻ – بدن ۾ ڪجهه طاقت اچڻ. پنهنجن پيرن تي بيهڻ. ٻيائي ڪرڻ. زور وٺڻ – خود مختار ٿيڻ.

– **پاڻ ڪي چڪن:** غرور ڪرڻ – هٺ ڪرڻ – وڏائي ڪرڻ.

– **پاڻ ڳٽائڻ:** نالي ماتر ڪنهن ڪم ۾ حصو وٺڻ. رڳو نالو ڪرائڻ. لوڻ گڏي پَٽَ پائيوار ٿيڻ. تمام ٿوري مدد ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ پنهنجو نالو ڳنڍڻ.

– **پاڻ ڳَهري:** ظرف. پاڻ وٽ. "من پريان نيئي. پڇهيو پاڻ ڳهري" (شاهه ڪريم).

– **پاڻ ڳهڑائي:** ث. خود غرضي – خود مطلبي – خودپسندي.

– **پاڻ ڳهڑو ڇ پاڻ ڳهڑا:** ذ. صفت. مطلبي – خودغرض – خود مطلب.

– **پاڻ ڳهڑو ٿيڻ:** خود مطلبي ٿيڻ – خود غرض ٿيڻ.

– **پاڻ مارڻ:** نفس مارڻ. هٺ وڃائڻ. نوڙت ڪرڻ – نياز ڪرڻ.

– **پاڻ ماري ڪر ڪيڻ:** نورت سان ڪم ڪيڻ. هيٺاهينءَ سان ڪم ڪيڻ.

– **پاڻ مرادو ڇ پاڻ مرادا:** ظرف پنهنجي مُنهن مهاڙ. پنهنجي رُوءِ سُوءِ. پاڻهين – خود بخود – پاڻون جاڻي. پنهنجي مرضيءَ سان – خود خيال – پاڻ مهاڙو.

– **پاڻ ملهائڻ:** نمايان ڪم ڪرڻ. جگيءِ طرح فرض ادا ڪرڻ. ساراهه جوگو ڪم ڪرڻ. سرخرو ٿيڻ. سوپ کٽڻ. پاڻ موڪڻ – جگو ڪم ڪري ڏيکارڻ.

– **پاڻ موڪڻ:** پاڻ ملهائڻ – سرپارو ٿيڻ – احسان جو بدلو ڏيڻ. ڪامياب حاصل ڪرڻ. پنهنجي لياقت ۽ حيثيت مطابق ڪم ڪري ڏيکارڻ.

– **پاڻ مهاڙو ڇ پاڻ مهاڙا:** ذ. صفت. پاڻ مرادو. پنهنجي منهن سِر – خود خيال – ازخود.

– **پاڻ ۾:** ظرف. پنهنجي وچ ۾ ـ هڪٻئي سان.

– **پاڻ ۾ آڪي ويري هڻڻ (ڪ):** پاڻ ۾ سخت دشمني هڻڻ – هڪٻئي جي جان جا ويري هڻڻ.

– **پاڻ ۾ ٻوڙ:** پنهنجن ۾ ئي تڪرار ٿيڻ. ڦوٽ پوڻ – اٽڪٻٽ ٿي پوڻ.

– **پاڻ ۾ راڄ ٿيڻ:** برجي پوڻ. صلح ٿيڻ. ايڪو ٻڌي ڪرڻ – ناهه ٿيڻ.

– **پاڻ ۾ لڳڻ:** پاڻ ۾ دشمني ٿيڻ يا ڦوٽ پوڻ – پنهنجائي ۾ اٽڪٻٽ پيدا ٿيڻ.

– **پاڻ وسارڻ:** هٺ وڃائڻ. تڪبّر وڃائڻ. نوڙت اختيار ڪرڻ.

– **پاڻ ولوڙڻ:** ڏاڍي محنت ڪرڻ – پاڻ پتوڙڻ – سيکجهه پنهنجي سِر ڪرڻ.

– **پاڻون:** ظرف. پاڻ ڪان – پاڻ وٽان – پنهنجي طرفان – هَڏان – هَوَان.

– **پاڻون جاڻي:** ظرف. پاڻ مرادو – پنهنجي مُنهن – جاڻي واڻي –

ڏسي وائسي – پاڻهين.

– **پاڻ وٽندي ج پاڻ وٽندين:** ٽ. پاڻ کي وٽندڙ يا پسند ايندڙ ڪم – وٽندڙ ڳالهيون.

– **پاڻ وڻي:** ظرف. پنهنجي منهن يا خيال ۾. جاڻي واڻي – پاڻهين. ذار ذار.

– **پاڻ وهيٽو ج پاڻ وهيٽا:** ذ. صفت. پنهنجي وس – خودمختيار – پاڻ زوري – خودخيال – آزاد – بَڙواڳ. (ٽ) پاڻ وهيٽي ج پاڻ وهيٽيون. "واڳ ڏئي تنهنجي وس. آ، ڪا پاڻ وهيٽي." (شاهه).

– **پاڻ هُوڙيو ج پاڻ هُوڙيا:** ذ. صفت. پنهنجي منهن سِر – خود خيال – پنهنجي مرضيءَ وارو – هوڏي – هُوڙهو.

– **پاڻهي، پاڻهين:** ظرف. خود بخود – پاڻ مرادو – پاڻون. جاڻي – جاڻي واڻي.

– **پاڻهي (پاڻهين) پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ:** پنهنجي هٿن سان پنهنجو نقصان ڪرڻ. جاڻي واڻي مصيبت سِر تي کڻڻ.

– **پاڻهي پوڻ:** پاڻمرادو ڪنهن ڪم جو دل ۾ خيال پوڻ – پنهنجي خود خيال ڪنهن ڪم جو ارادو ڪرڻ. "جنهن کي پاڻهي نه پيئي، تنهن کي ڪَٽي ڪٽنبو ڪيترو." (جوهڙ).

– **پاڻهي خبر پوڻ:** تجربو حاصل ٿيڻ – پاڻ ئي تڪليف محسوس ڪرڻ – نتيجو اکين سان ڏسڻ.

• **پاڻس (ٽ):** ٽ. اَٽ جو جاري ڪائڻ بعد بدن ۾ پريل ڏسڻ ۾ اچڻ واري حالت.

• **پاڻمو ج پاڻما (ٽ):** ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار (جنهن سان پيڙ آيل تاڄيءَ کي سَوارجي) – سونهارو (ل).

– **پاڻمو ڪرڻ:** ٽڪيل تاڄيءَ کي گهوڙين تي ڏگهو ڪري سُونهارو گهمائڻ. (انهيءَ لاءِ ٽ هڪ تند جدا ٿي ٻيهي ۽ سُڪڻ بعد مضبوط ٿئي).

• **پاڻو ج پاڻا:** ذ. [سن. پڑِپاڻ. پڑ = اڳتي + يا = وڃڻ] مسافريءَ جي منزل – ڏاهو "پهروئي پاڻو. سڦرو ڪرين سات کي." (شاهه). جهوڪ – ٽاڪ – ٽاڻو. "اڄي ڪاڪ ڪنڊين ۾ پرڄي ڏي پاڻا." (شاهه). مائجهاندو (ل). ڪنهن رستي جي مقرر مفاصلي جو نشان ڏيڪارينڊڙ پٿر (ٽ).

– **پاڻو ڪرڻ:** منزل ڪرڻ. ڏاهو ڪرڻ.

– **پاڻيارو ج پاڻيارا:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو. پاڻيءَ جو. پاڻيءَ ۾ رهندڙ. آلو – پُسيل. (ذ) نار جي سامان اڏاري وڻڻ جي حالت ۾ نار جو معاوضو يا مسواڙ – پاڻيءَ جو حق – حقابو – پاڻيالو. پاڻيءَ رکڻ جي منجي (ڪ).

– **پاڻياڪ، پاڻياڪي:** ٽ. چدي – پٽڙي – پاڻيءَ جهڙي (لسي).

– **پاڻيالو ج پاڻيالا:** ذ.صفت. پاڻيءَ ڪم آڻڻ جو عيوضو.

– **پاڻي اونڌڻ:** دلي. مٽ وغيره کي اوندو ڪري پاڻي هارڻ.

– **پاڻي ٻوڙ:** گهڻو ظلم ٿيڻ – ناحق ٿيڻ – قهر ٿيڻ. ڳالهه جو امڪان ۾ اچڻ.

– **پاڻي ٻوڙڻ:** خدمت ڪرڻ. غلامي ڪرڻ. نوڙت ڪرڻ.

– **پاڻيءَ تي جت اُڪرڻ:** اڃائي ڪوشش ڪرڻ. بيسود ڪم ڪرڻ.

– **پاڻي تي جت هڻڻ:** بي بنياد هڻڻ – بي بقا هجڻ. ڳالهه جو وجود ئي نه هڻڻ.

– **پاڻيءَ تي ليڪو:** محاورو. بي بقا – بي بنياد. بي جتاءِ.

– **پاڻيءَ تي ليڪو ڪيڻ:** بي بنياد ڳالهه ڪرڻ – اڻ جتائدار ڪم ڪرڻ. انجام يا ڳالهه تان ڦرڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

– **پاڻي ٽيڻ:** پاڻي جهڙو پٽڙو ٽيڻ. پَسڻ. ٽڏو ٽيڻ. ڪهر ۾ شل ٽيڻ. شرمسار ٽيڻ – شرمندو ٽيڻ.

– **پاڻي ٽي پوڻ:** پٽڙو ٽي وڃڻ. تمام نرم ٽي وڃڻ.

– **پاڻيٺ:** ٽ. پاڻيءَ جهڙي شيءِ. سَيال ماده ـ پٽڙي شيءِ. آلاڻ – پوسل – گهمر – تري.

– **پاڻي پاڻي ٽيڻ:** ڪهر ۾ شل ٽيڻ. شرم ۾ ٻڏي وڃڻ. پشيمان ٽيڻ.

– **پاڻيءَ پُونئرو هجڻ:** رهنجڻ جو شوقين هجڻ.

– **پاڻي پياڪ:** ذ. پيئڻ جهڙو پاڻي (اهڙو پاڻي جو پلي پاڙو يا کارو هجي پر پيئڻ جهڙو هجي).

– **پاڻي پياريو:** اُجايل کي پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ. سبيل جاري ڪرڻ. خير جو ڪم ڪرڻ. چاڑهڻا (اوزارن تي) – آبدار ڪرڻ. "پياري پاڻي. تيشون ڪندا تکيون." (شاهه).

– **پاڻيءَ جو ٿوتو:** محاورو. ناپائدار شيءِ ـ بي بنياد شيءِ ـ جلد فنا ٿي وڃڻ واري شيءِ.

– **پاڻي چوراڻڻ:** ڏت يا زخم جو پاڻي جذب ڪرڻ (جنهن ڪري زخم وڌيڪ خراب ٿي پوندو آهي).

– **پاڻي چاڻي پيئڻ:** بولي ڪم ڪرڻ – معاوضي جو اول فيصلو ڪري پوء ڪم ۾ هٿ وجهڻ – ڏيتي ليتيءِ جا شرط شروط باقاعدي غور ۾ آڻڻ.

– **پاڻي چيڙڻ:** شاديءِ ۾ ڪيءِ واري ڏينهن ڏاڏيءِ ۾ ترار وجهي مٽائنس پاڻي هارڻ واري رسم ادا ڪرڻ.

– **پاڻي ڏَوڻ (ٽ):** هٿن سان پاڻي اُپائڻ. پاڻي اُپائي پوک کي ڏيڻ. مٽائهين زمين کي ڪوڏر وغيره سان ڏَنُوي پاڻي ڏيڻ.

– **پاڻي ڏيڻ:** پاڻي پهچائڻ – پاڻي رسائڻ. پاڻي چاڑهڻ (اوزار يا هٿيار کي) – آب ڏيڻ. پاڻي پياريڻ پوک کي). ملمعو ڪرڻ (گهڻن تي). انجام پاڙڻ – وعدو پورو ڪرڻ.

– **پاڻي ۽ ڪ ۾ ٻڏي مرڻ:** بي عزتي سان مرڻ. شرمساري ۾ ٻڏي وڃڻ – بي مروتي ۽ بي حيائي وارو ڪم ڪرڻ.

– **پاڻي ۽ ٻورو (ث):** ذ. برسات جي پاڻي ۽ جو پڻن تا وهي اچڻ وارو گس يا وهڪرو.

– **پاڻيئڙ ج پاڻيئڙا:** ذ. صفت. پاڻي ۽ جو – آبي. پاڻي ۽ جهڙو – چدو – پاڪو – ڪنگهو – ڦنگهو.

– **پاڻيرو:** ذ. صفت. پاڻي ۽ وارو – پاڻي ۽ جهڙو.

– **پاڻي ڦيرڻ:** ڇٽ ڪرڻ (نهيل ڪم) ڪئي ڪمائي ڪُٽ ڪرڻ – اڃايو وڃائڻ – بي فائدو ضايع ڪرڻ. نا اميد ڪرڻ.

– **پاڻي ڪُجهڻ:** اندر جو پيد لهڻ – اندازو لڳائڻ.

– **پاڻي ۽ ڪان اڳ ۾ ڪيڙا لاهڻ:** اڃائي تڪڙ ڪرڻ – اڪهرائي ڪرڻ. ٿيندڙ ڪم ڪان اڳي ئي وهلور وڃڻ. بيزار ٿيڻ – بنا سوچ ويچار جي موڪپائي ڪرڻ. بي وقوفي ظاهر ڪرڻ.

– **پاڻي ۽ ڪان ڪيڻ:** هوش مان ڪيڻ – سخت ڪاوڙائڻ – چيڙائي بيزار ڪرڻ.

– **پاڻي ۽ ڪان نڪرڻ:** هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ. ڪاوڙ ۾ اچي وقلڻ – اُبتو سُبتو ڳالهائڻ.

– **پاڻي لڳائڻ:** پاڻي جاڙهڻ (اوزار يا هٿيار تپائي پاڻي ۽ ۾ وجهڻ) – تڪو ڪرڻ (اوزار).

– **پاڻي لڳڻ:** آب هوا پاڻ ۽ پوڻ – موافق اچڻ. آب هوا جي اثر کان صحتمند ٿيڻ.

– **پاڻي ۽ مايُ:** ذ. پاڻي مايڻ جو اوزار – واتر گيج.

– **پاڻي ۽ مان ڪيڻ:** بيزار ڪرڻ – ڏاڍو ڪاوڙائڻ.

– **پاڻي ۽ مان نڪرڻ:** ڪاوڙ ۾ هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ.

– **پاڻي مُنهن ۾ اچڻ:** مُنهن تي رونق ۽ تازگي اچڻ – سرهائي ٿيڻ – بيماري ۽ کان پوء جسماني حالت جو سُڌرڻ.

– **پاڻي ۽ ۾ اچڻ:** هوش ۾ اچڻ – عقل جاء اچڻ. بود ۾ اچڻ. (غصو يا جڙ لهي وڃڻ کان پوء).

– **پاڻي ۽ ۾ مُنهن پاڻڻ:** پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ – اندر ۾ ليو پائڻ. "هيڏي هوڏي نہ ڏسين. مُنهن پاڻي ۽ ۾ پاء." (سجل). آئينو ۾ پنهنجي منهن جي حالت پرکڻ.

– **پاڻي نہ ڏيڻ:** انجام نہ پاڻڻ – قول پورو نہ ڪرڻ.

• **پاڻي واڙيو ج پاڻي واڙيا:** ذ. جيت جو هڪ قسم. (جيڪو پاڻي جي مٿان تڪڙو هلي) شه تارُ – تارونڙو. بيماري ۽ جو هڪ قسم.

– **پاڻي وڃائڻ:** ٻني ۽ کي پاڻي ڏيڻ – وهندڙ پاڻي ۽ کي ٻڏي. مرضي ۽ مطابق ٻارڻ ۾ آڻڻ.

– **پاڻي وڃائو ٿيڻ:** ڳالهائڻ ۾ مدد ڪرڻ – پنهنجائي ڪرڻ – تيڪو ڏيڻ – تائيد ڪرڻ.

– **پاڻي ولوڙڻ:** اڃائي ڪوشش ڪرڻ – اڃايو ڳالهائڻ – بيسود ڪم ڪرڻ. بي فائدو ڪم ڪرڻ.

– **پاڻيهاري ج پاڻيهاريون:** ث. پاڻي پرينڊڙ (جيڪا دلا ڪٽي ڪوهه يا ترڪان پاڻي پري اچي).

– **پاڻيئڙ ج پاڻيئڙ:** ذ. صفت. [پرا. پاڻيئر. سن. پانيئر] پاڻي ۽ وارو – آبدار (موتي) – جوهر وارو. جڳي حسب نسب وارو. (ذ) موتي.

– **پاڻيرو (ڪ):** ذ. موتي جو هڪ قسم.

• **پاوا:** ذ. [پائو ج پاوا < فـ. پاءِ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڀڪري ۽ وغيره جا گوڏن تائين ڪر (هن مان خاص قسم جو ٻوڙ نيار نهي) – پايا. ڦوڪ سان وجائڻ – جا مشهور ساز (جي ٻ ٽين ۽ هڪ ئي وقت ڦوڪ سان وجائجن) – الغوزا – بينُون.

• **پاواٽو ج پاواٽا (ڪ):** ذ. [مصدر. پوڻ < پاواٽو = پاٽو] منزل. رستو. پچاڙي. ڏسو "پاٽو".

• **پاوَرُ ج پاوَرَ:** ذ. [انگ. Power] قُوّت – طاقت – زور. بانُور – هٿُ. حڪر. اختيار.

– **پاور هائوس:** ذ. بجلي پيدا ٿيڻ واري جاء ـ بجلي گهر.

• **پاوڙو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاوڙو ج پاوڙا (الس):** ذ. رڪيب – پاڳڻ. "پير پنهنجي پاوڙي. جاجي رک جوان." (شيخ ابراهيم). ڪوڙ جو هڪ قسم (گهٽو ڪري اوڍ ڪم آڻين).

• **پاوڙي ج پاوڙيُون (ث):** ٽ ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – پيرڙي.

– **پاوڙي ڪائڻ:** برٽين ٻيرين پچڻ.

• **پاوڪ:** ث. درياء جي ڪناري کي اندران ئي اندران پاڻي ۽ جي ڪاڌ.

• **پاوڪ:** ذ. صفت. [سن. پاوَ = چوٽون حصو سير جو. پاء جيترو (ماپو).

• **پاوَنِ:** ث. [سن. پاوَنُ < پُو = صاف ڪرڻ] پاڪ – صاف – پوتر.

– **پاوَن ڪرڻ:** پاڪ ڪرڻ – پوتر ڪرڻ. سَڌارڻ.

• **پاونگ ج پاونگ:** ذ. صفت. [سن. پانڊو] بهادر – بهلوان – سورهيه. "پوء رميا انهيء رُخ سان. پاونگ پنڌ پيلي." (مولا بخش سومرو). (ذ) سواري ۽ لاء وهت (گهوڙن).

• **پاهہ (ت):** پان طور ڪم ايندڙ رڍن يا ٻڪرين جون ڦولهڙيون.

– **پاهہ ٿيڻ:** جگي ۽ طرح رهي وڃڻ – گري وڃڻ. ماندو ٿيڻ (ٻڪ ۾).

– **پاهہ ڪرڻ:** گاڙي چڌڻ (گوشت کي). بلڪل رڌي چڌڻ. ٻک ڏيئي ساٽو ڪرڻ. جئي چڌڻ.

– **پاهہ وجهڻ:** ڪنهن بيمار جانور کي خاص قسم جي دوا وجهڻ اَٿ جي گَر جو علاج ڪرڻ (ڪڙ جي چار تيل ۾ ملائي گر واري هنڌ تي هڻبي آهي).

• **پاهاڻ:** ظرف. پنڌيان – پوئتيان – پرڀيان. ڏسو "پاهون".

– **پاهان ڀڄ ڏيڻ:** پرڀيان پير ڪرڻ – پٺتي موٽڻ.

• **پاهت** ج **پاهڻ:** ڏ. موافقت – ميل – ناهہ – صلاح – مصلحت. "جوري پاهت ڳجهہ سين، پڌرناهہ آرڙ" (شاهہ ڪريم). پوَرت. پُوئو. خيال – پُورَ – ڏسو "پهت".

– **پاهت پائڻ:** ڪاڄ جي موقعي تي رسم طور ڪجهہ ٻڌسا ڏيڻ. پُوئو ڏيڻ.

– **پاهت پوڻ:** خيال اچڻ – مرضي ٿيڻ – پُورَ ٿيڻ.

• **پاهرُو** ج **پاهرُو (ث):** ڏ. جانور. ڏسو "پُهرو".

• **پاهڑ** ج **پاهڑَ:** ڏ. جبل – پهاڙ.

• **پاهڑي** ج **پاهڑيون:** ث. ڏسو "پاهوڙي".

• **پاهڙ** ج **پاهڙَ:** ڏ. [سن. پاشاڻ] جبل جو پٿر. پهڻ.

• **پاهڻ:** مصدر. گَر جي بيماريءَ ۾ ورتل اُٺ کي دوا طور لاٿيءَ جي ڪار يا ڪپڙ جي ڦلهيار تيل ۾ ملائي هڻڻ. (پاهيو – پاهيندو – پاهيل).

• **پاهو** ج **پاها:** ڏ. [سن. پَشْجَاتِ = پٺ] ڪنهن بہ شيءِ جو پُٺيون پاسو. ڪوڏر يا ڪهاڑي وغيره جو پٺ وارو حصو (جنهن ۾ ڳڻ وجهڻ لاءِ سوراخ ٿئي). ڳڻ وجهڻ وارو ٽنگ. ڳجهارت جو پائو (ت).

– **پاهو ڏڻائڻ (ت):** (ڳجهارت پڇڻ لاءِ) ڪو اشارو يا حوالو ڏيڻ – (پروليِ پڇڻ لاءِ) آساني پيدا ڪرڻ.

– **پاهو لَهڻ (ت):** حقيقت هٿ ڪرڻ. اصليت کان واقف ٿيڻ. ڳجهارت جو ٽورو واءُ معلوم ڪرڻ.

• **پاهوٽڻَ** ج **پاهوٽڻَ (ل):** ڏ. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (ڪهاڙين. ڪوڏرن وغيره جي پاهي ناهڻ ۾ ڪم آيندڙ).

• **پاهورو** ج **پاهورا (ل):** ڏ. ڳهوڙي جي داڻي وارو ڳوٽرو (جنهن ۾ ان وهڻي ڪنڊ ۾ لٽڪائي ڏجي) تويرو. "جن کاڏو آهورن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهورن ۾" (جوڻي).

• **پاهوري** ج **پاهوريُون:** نندو پاهورو.

• **پاهوڙو** ج **پاهوڙا:** ڏ. پاڻ يا گند ڪچري ميڙڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڏر جهڙو اوزار ـ سوتهڙن جي ڪم جي اُوزارن رکڻ جو ڳوٽرو (ث). (ث) پاهوڙي ج پاهوڙيون.

• **پاهُون (ل):** ظرف. [سن. پَشْجَاتِ = پوءِ] "اڳاهون" جو ضد. پنڌيان پوئتي – پٺتي. "اڳاهون" جو ضد. "موت محب پاهون، تاکن تکي آهيان." (شاهہ).

– **پاهُون ڀڄ ڪرڻ:** پرڀيان پير ڪرڻ – پوئتي موٽڻ – پٺتي قدم ڌرڻ. ورِي اچڻ.

– **پاهُون رهڻ:** پٺتي رهڻ – پٺتي رهجي وڃڻ.

• **پاهي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات يا پاڙي جو نالو.

• **پاهي** ج **پاهيُون:** ث. صفت. پٺڙي – چدي (لسي) – پاڪي. ريڍي يا ڀاڪري لسي. "پاهي پاڪي پٺڙي، برين سان پيان" (شاهہ).

• **پاهيڙي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاهين:** ظرف. [سن. پَشْجَاتِ = پوءِ] پرڀيان – پٺتي – پوئتي.

– **پاهين ڏيڻ:** پُٺي ڏيڻ – پوئتي موٽڻ.

• **پاءِ:** ڏ. [ف. پاي. سن. پاد] پير – پڳ – قدم. پايو – پيڙهہ – بنياد.

– **پائيبنڊ** ج **پائيبنڊَ:** ڏ. صفت. ڏسو "پابنڊ".

– **پائبندي:** ث. پابندي – بندش – روڪ – منع – جهل.

– **پائبوسي:** ث. [ف. پاءِ + بوسي] ڏسو "پابوسي". ٻيرن جمن جي حالت (بزرگن ۽ وڏن جي).

– **پاءِ تخت:** ڏ. صفت. پايہ تخت – تخت گاهہ – گاديءَ جو هنڌ.

– **پائجامو** ج **پائجاما:** ڏ. ڏسو "پاجامو".

– **پائخانو** ج **پائخانا:** ڏ. ڪاڪوس. ڏسو "پاخانو".

– **پائدار** ج **پائدارَ:** ڏ. صفت. [ف. پائي + دار = پڪو پختو] جتاءِ دار – جهالو – هُنڊيٽو – مضبوط. پڪي بنياد وارو – پڪو پختو.

– **پائداري:** ث. بقاءِ – جتاءِ – قرار. مضبوطي.

– **پائگاهہ:** ڏ. [ف. پائي + گاهہ = جاءِ] مرتبو – درجو – منزل.

– **پائمال:** ڏ. صفت. چٽيل. پڪريل. تباهہ – برباد – ناس – جت.

– **پائمال ڪرڻ:** لتاڙي چڌڻ – نابود ڪرڻ – ذرا ذرا ڪري چڌڻ.

– **پائمالي:** ث. لتاڙ. بربادي. تباهي.

• **پاءُ** ج **پاءِ، پاوَ:** ڏ. [سن. پاد] جوٽين پٽي – چوٽون حصو – چوٿو. سير جو چوٽون حصو. پاءُ تور جو ماپو يا وزن.

• **پائٽ (ل):** ث. خبرَ – جاڻ – سُڌ.

• **پائٽو** ج **پائٽا (ل. ڪ):** ڏ. ڪُرلي يا نار جو هڪ عضو.

• **پائڙي** ج **پائڙيُون:** ث. وال جو چوٽون حصو – چاڙڪي. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• **پائڻو** ج **پائڻا:** ڏ. گدام – پائدو – ڏڪار – انبارخانو – سامان جي ڪوٺي – سارين گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ (ڪ).

• **پائلي، پائلِي** ج **پائليُون:** ث. [سن. پادَ + "لي" پچاڙي] هڪ ريٽي جو چوٽون حصو – ڇوآنبي – جٽن آنن يا پنجويهن پئسن جو سڪو. پيتلي دلو. گهاگهر.

• **پائنڊهَ:** صفت. [ف] جتاءدار – جهالو – پائدار. قائم ـ پڪو. پختو – مضبوط.

– **پائنڊهَ باد:** جملو. "هميشه قائم هجي شال".

• **پائڙ ج پائٽيون:** ث. [سن. پادَ] جثن آنن يا پنجويهن پئسن جو سڪو. پائلي.

– **پائڙ پاڇي پارجو:** ذ. انڪل روءِ چار آنا. حصو. ڪنهن شيءِ جو ڪو ٿورو حصو. (جوتين پتيءِ جي لڳ پڳ.

• **پائڻ، پائڻ (ت):** ث. رڌل جانورن جو پاڻي. پيڇي "ڏسو "پيڻ".

• **پائڻ:** مصدر. [سن. 1. پُراپَڻ. پُر = چوڌاري + اپْ = حاصل ڪرڻ. پُراپْت = آمدني < پُرا = اڳتي + آپ = حاصل ڪرڻ] وڻڻ – حاصل ڪرڻ. لوڙڻ (ڪينو) – پوڳڻ (نتيجو "جو ڪري سو پائي". لاهڻ – اوتڻ (ٿانءِ ۾ پاڻي). وڌائڻ (طعام). ڏيڻ – بند ڪرڻ (دروازو). پهرڻ – ڏيڪڻ – اوڍڻ. (ڪپڙو، ويس). وجهڻ (ڳهه). "پُنڑو پائين ڪينڪي، ڪن ساهيڑيون سڳا". ڪائڻ (درياءَ جو ڪپ ڪي) – ڪاڌ ڪرڻ. دشمني. ويرُ. ڪيڻ (ليکو). ڪُهڻ – ذبح ڪرڻ (پهرُو).

– **پائي ڪڍڻ:** دشمني رکي تنگ ڪرڻ. ويرَ وجهڻ ڪونسڻ – ستائڻ – آزارڻ. تپائي ڏيڻ.

– **پائيندڙ:** صفت. ڏيندڙ – اوڍيندڙ. ڪائيندڙ – (ندي). دشمني رکندڙ.

– **پائيندڙ ٿي لڳڻ:** دشمن ٿي لڳڻ – هٿ ڏوڻي پنهيان پوڻ – ڪَڏون ڪوڙڻ – ڳجهيءَ طرح پير ڪيندو رهڻ – ڳجهو نقصان پهچائڻ.

– **پائيندڙ پائي ڏيڻ:** نقصان پهچائڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندو رهڻ.

• **پائڻو ج پائڻا (ت):** ذ. ڏڻ جي سنهڙي ڪائيءَ جو جهبڪ – ڇهو – لَڪ.

• **پاڻو ج پاوا:** ذ. [فـ. پايـ: سن. پادَ = پير] پيرُ. ڪرُ (جوپائي جو). پايو – پاڳو (ڪٽ، ميز، ڪرسي وغيره جو). بتڻيءَ جو هڪ طريقو (جنهن ۾ پيدائش جي جوٽين پتي هاريءَ کي ملي). ڳچهارت جو ٽپ. ساز جو هڪ قسم (جمع پاوا) (صفت) پيرن وارو "ته پاڻو. چوپائو وغيره".

– **پاڻو ٽي پوڻ:** سڀ بار پنهنجي سر تي سهڻ. ٽيڪ يا پروسو ڏيڻ.

– **پائي تنگجڻ:** نتيجو لوڙڻ – پنهنجي سر بدلو ڏيڻ – سزا پوڳڻ. پنهنجي ڪيئي جي سزا ملڻ. "سيکا ٻڪري پنهنجي پائي تنگجي" (چوٽي).

• **پاڻودَ ج پاڻوڏَ:** ذ. [انگ. Powder] سنهو. پينڊل ٻوورو. سنوڻ خوشبودار. سنهو مبدو. جهڙو انو (جيڪو مَنهن ۾ بدن تي پگهر کان بچڻ لاءِ هٿجي).

• **پاڻولو ج پاڻولا (ڪ):** ذ. ڪجور جو ٻاٽ – ڪارڪن جي ڇپي.

• **پاڻونڊ ج پاڻونڊَ:** ذ. [انگ. Pound] انگريزي سڪي جو هڪ قسم. اڌ سير جي وزن جو انگريزي وٽ.

• **پائي ج پائيون، پايُون:** ث. [سن. پادِ ڪا] اڪائي وقت جو هڪ سڪو. (هڪ رپئي ۾ ۱۹۲ پايون هيون). ۲۴ سيرن اَڌ جو هڪ ماڻ. (ت).

• **پائپ ج پائپ:** ذ. [انگ. Pipe] لوهي نلي – نَل. سُلفي.

• **پائين:** ظرف [ف] هيٺ – هيٺاهون.

• **پاياب (ف):** ذ. صفت. [فـ. پايـ + آبْ] پير ٻوڙ (پاڻي). تانگهو (دريا، واهـ وغيره) درياءَ جي تري وارو پاڻي (جنهن منجهان ماڻهو پيدل هليو وڃي).

• **پايان:** ذ. [ف] طاقت – توانائي. انتها – پڄاڻي. پڇاڙي. خاتمو. آخرين حد.

• **پايه:** ذ. [ف] پير. ٽنڊ.

• **پايدار:** ذ. صفت. ڏسو "پائدار".

• **پايگاه:** ذ. [فـ. پايـ + گاهـ] مرتبو – رتبو – درجو. درگاهـ – آستانو.

• **پايو ج پايا:** ذ. [فـ. پايـ: سن. پاد = پير] پير – پڳ. ٽنگ (مينـ ڪٽ وغيره جي) – پاڳو – پائو. ٽنڊ. پيڙهـ. رتبو – درجو. لياقت – قابليت – حيثيت.

• **پپ (ت):** ث. ڇتَ – ڏاڏر – ٻيبي.

– **پپ ڏڪي ٻڏڻ:** ڇت ۽ ٻڏڻ ۾ لَٽ ۽ ڏيڪارڻ – مشاڇري هاها ماٺا ڪرڻ.

– **پپون رکڻ:** ملهـ ۾ بجاءِ لاءِ داءِ هڻڻ.

• **پپ:** اسم. خاص. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو. "ڇڪي ڇنائين، پنڌ مڙوئي پَپَ جو." (شاهـ).

– **پپ جو پهلوان:** اسم. خاص. درويش شاهـ بلال رحـ جو لقب (جو لاهوت لامڪان کان ڏيڊ ڪوهـ پري پَپَ جبل جي ايراضيءَ ۾ مدفون آهي.)

• **پپ ج پپ:** ذ. [سن. پادْ = پير] پير جو ٻُهڙ وارو حصو. جُتيءَ جي پادر جو اڳيون پاڳو (جنهن ۾ پير جي پپ وارو حصو رهي). ڪاپاڙيءَ يا گنڀير جو ڪپ (جنهن ۾ ڪوڙهو رکجي).

– **پپن تي ڇڏڻ:** پورو قبضو ڪرڻ. سولائيءَ سان ڪم ڪيڻ.

– **پپن تي هلڻ:** هوريان هوريان هلڻ – ڇپ ڇپ ڪري هلڻ.

– **پپو ج پپو:** ذ. صفت. پپن تي هلندڙ.

• **پپا:** اسم. خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پپجو:** اسم. خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهـ جو نالو.

• **پپڪڻ:** مصدر. ڪلڻ – خوش ٿيڻ. "اڄي پرين پپڪيا. ڪر پاپيهو جيئن مورا" (شاهـ). (پپڪيو – پپڪندو – پپڪيل).

• **پپل (ت):** ث. ناز – نخرو – انگل – لاڙ.

• **پپلائڻ (ت):** فعل متعدي. ناز نخرا ڪرڻ – انگل آرا ڪرڻ.

• **پَهڻ:** ث. [سَنْ. پَدْمَ] تلائن ۽ ڏنڊن ۾ ٽيندڙ ول جو هڪ قسم

(جنهن جي چوٽيءَ ۾ ٻاهوڙو ٿئي ۽ اُن جون ٻاڙون ٻهڻ ٿين). (اسر خاص) ڪپري. (ڳٺڙي ۽ جاتي تعلق ۾ ديهه جو نالو.

– **پيٽي ج پيٽيون:** ث. پيٽ جو ٻچ (جو ٻاهوڙي ۾ ٿئي) – پيٽ جي ڏوڏي.

• **پيو ج پيا:** ذ. اهو مائٽ جنهن کي ڏند نه هجن. نڪري ويا هجن. قدر ـ پڏو ـ يڏ. (ت) پيي ج پيبون.

• **پيي ج پيبُون:** ث. ڇٽ – ڏاڙ ـ هُٽي. خوشامد. دلسو پيي – ڏٽو. ٻاراڻي راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ پٿن ۾ لڪي مُڪ هڻي آهي).

– **پيي پڏڻ:** ڇٽ پڏڻ – ڏٽو ڏيڻ – پيي پڏڻ. ٻارن جو پاڻ ۾ مُڪ هڻڻ واري راند جو اقرار ڪرڻ.

– **پيبون پڏڻ. ملائڻ:** ڇٽون پڏڻ – ڏٽا پڏڻ – گٺاهڻ – دلبا ڏيڻ. هيٺيون مٿيون پڏائڻ. ڪوڙا آسرا ۽ دلاسا ڏيڻ.

• **پٽ:** ث. [سن. پرَتِيَي. پُرَت وري + اِ = وڃڻ] اعتبار – پروسو – ويساھ – يقين. ساک – سڃائي. آبرو – عزت – مانُ. "پوري ٿئي مون پٽ. پرين، سان پرت جي." (فتح فقير). عِصْمت. پرم – لج. گُڙ يا ڪنڊ جي گهاڻي جاش – رَبّ ـ قوام. باجهري: ترن ۽ گُڙ مان ٺهيل رَبّ.

– **پٽائيتو ج پٽائيتا:** ذ. صفت. پٽ وارو – پٽ جوڳو – پروسي جوڳو. پوري نشان پٽي وارو – پڪي ڏَسُ پٽي وارو.

– **پٽ ڀڃڻ:** اعتبار ڀڃڻ – ويساھ وڃائڻ.

– **پٽ پريو ج پٽ پريا:** ذ. صفت. پٽ وارو – ايماندار.

– **پٽ پاڙڻ:** انجام پاڙڻ – وفاداري ڪرڻ. اعتماد يا پروسو قائم رکڻ.

– **پٽ ڦُرتيٽ:** ث. ساک. پٽ. عزت – ناموس. سڃائي. انجام جي پڪائي. ڏيڻي ليڻي جو اعتماد. ڏاڍي ۾ ويساھ يا پروسي واري حالت.

– **پٽ ڏوبي وڃڻ:** ويساھ ختم ٿي وڃڻ. آبرو گهٽجڻ – عزت وڃائڻ. ڏيوالو ڪيڻ.

– **پٽ ڏيڻ:** ويساھ ڏيڻ يا اعتبار ڏيڻ. ساک ڏيڻ – قسم کڻڻ. پروسو ڏيڻ.

– **پٽ رکڻ:** آبرو رکڻ – عزت رکڻ. انجام پورو ڪرڻ. ڏيڻي ليڻي ۾ وعدو پورو ڪندو رهڻ.

– **پٽ رهجي اچڻ:** عزت رهجي اچڻ – آبرو رهجي اچڻ – ساک قائم رهڻ. واپار ۾ ويساھ قائم رهڻ.

– **پٽ سانت ۾ اچڻ:** آرام ملڻ.

– **پٽ ڪرڻ:** اعتبار ڪرڻ – ويساھ ڪرڻ – چڏو ڪرڻ (ڪاڏي کي). ملڻ (آسرو).

– **پٽ ڪوهڻ:** ويساھ وڃائي چڏڻ. پٽ وڃائڻ – بي اعتبار ٿيڻ. واپار ۾ ويساھ وڃائي ويهڻ.

– **پٽ گنوائڻ:** ساکَ وڃائڻ. آبرو وڃائڻ – بي عزت ٿيڻ. اعتماد يا پروسو ختم ڪري چڏڻ.

– **پٽ لاجَ:** ث. عزت آبرو – ساک پٽ – لج شرم.

– **پٽوارُ (س):** ذ. صفت. ساکَ پٽ وارو. سچو دوست. پروسي وارو.

– **پٽ وارو:** ذ. صفت. اعتبار وارو – ويساھ وارو.

– **پٽ وانگي ٿيڻ:** نگي ظاهر ٿيڻ – خراب ڪمن سبب اعتبار هلير وڃڻ – بدنام ٿيڻ – پٽرپڏرا ٿيڻ – ڪوڙ ظاهر ٿيڻ.

– **پٽ وڃائڻ:** ويساھ وڃائڻ – اعتبار وڃائڻ – عزت وڃائڻ.

– **پٽ ونُڊ، پٽ وَنْدُ:** ذ. صفت. پٽ وارو – ساک وارو – عزت وارو. ايماندار. معتبر. پروسي رکڻ جهڙو.

– **پٽ ويچارُ:** عيب آگهاڻڻ – نڪته چيني ڪرڻ.

– **پٽ هُجڻ:** پروسو هجڻ – اعتبار هجڻ – ساک هجڻ – عزت هجڻ.

– **پٽيائيتو ج پٽيائيتا:** ذ. صفت. مانائتو – آبرو وارو – معتبر.

– **پٽيُون پيڻ (ت):** ويساھ رکڻ – اعتبار ڪرڻ – پروسو رکڻ.

• **پٽ:** ث. [سن. پٽُ گرميءَ سبب نڪتل داڻا. آرايون پٽي جو رَسُ] ملو.

• **پٽا ج پٽا:** ذ. [سن. پِتُر] پيءُ – ابو – والد – پدر – اَبو.

• **پٽارُ پوڻا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٽڙيارڪر ۾).

• **پٽاڙ:** ث. ڏسو "پٽوڙ".

• **پٽاڙڻ:** مصدر. ڏسو "پٽوڙڻ".

• **پٽاشُو:** ذ. جوئر جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم.

• **پٽاشو ج پٽاشا:** ذ. [سن. ۱. واتاسهَ. واتَ + هوا ۲. "پٽ + آش (= جاش)" وارو] ڪنڊ جي جاش مان ٺهيل گول ٽڪي (مٺاڻ وانگر ڪر اڇي). اٽب جو هڪ قسم. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏونڪو زرد. چڙيون ننڍيون).

• **پٽاشا ورهائڻ:** وات منو ڪرائڻ. بيماريءَ مان اُٿڻ مهل يا ڪنهن خوشيءَ جي معمولي موقعي تي پٽاشا خيرات ۾ ڏيڻ يا عزيزن دوستن ۾ ورهائڻ.

• **پٽاشُو ڪُلْف:** پٽاشي جهڙو سنهون ۽ ننڍڙو نالو.

• **پٽافي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر گهوٽڪي ۽ ٻني عاقل تعلقن ۾ ۽ ڪراچي طرف رهن ٿا).

• **پٽائڻ:** فعل متعدي. اُکلائڻ (ڪر کي). جلد پورو ڪرڻ. نالي مانر ڪرڻ – ترڪ تال سان ڪر نڀائڻ. واپارين جي اصطلاح ۾ رکيل مال وڪڻڻ. ٻيلائڻ. برغلائڻ. ٺڳڻ. (پٽايو – پٽائيندو – پٽايل).

• **پٽٻُ ج پٽٻ:** ذ. صفت. [سن. پٽٻُ پٽُ = ڪرڻ] ڪريل – نيچ.

ناپاڪ – پليت، پاپي – گُنهگار، بد چال – بدڪار، بي دين.

– **پتِتُ ٹيڻ:** ناپاڪ ٹيڻ – پليد ٹيڻ – پنهنجي عصمت برباد ڪرڻ.

– **پتِتُ پاوَنُ:** ذ. صفت. گُناهه بخشيندڙ – معاف ڪندڙ (هندڪي عقيدي موجب سيتارام).

– **پتَ پاڙُو:** ز. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وکر جو هڪ قسم.

• **پتِجڻُ:** فعل مجهول. اعتبار اچڻ – ويساهجڻ. دلبي ۾ اچي وڃڻ – دوڪي ۾ اچڻ – ٺڳجڻ. (پتيو – پتبو – پتيل).

• **پتِرُ ج پتِرَ:** ذ. [سن. پتّر] خط – چٺي. اخبار.

– **پتِري:** ٿ. خط – چٺي. ڏسو "پترِ".

– **پتِرِيڪا:** ث. [سن. پتْرِ كا] اخبار.

• **پتَرُ ج پتَرَ:** ذ. [سن. پتْرَ = پن] خط – چٺي. وڻ جي ڪُتيل پنن مان ٺهيل ماني (جا ڏڪار جي وقت سندَ ۾ استعمال ڪئي ويئي هئي).

• **پتَرَ:** ذ. [سن. پتَر] ابا ڏاڏا. گذاري ويل وڏا. مري ويل مائٽ. مري ويلن جا ارواح. (هندو مت موجب).

– **پتَر اچڻ:** مري ويل مائٽ جي تِٻ اچڻ (جنهن تي ختمو وغيره ڪيو وڃي).

– **پتَر پڌرا ڪرڻ:** عيب اڳهاڙڻ – مُٺا جيئرا ظاهر ڪرڻ – اصل نسل ظاهر ڪرڻ.

– **پتَر پڪ:** ذ. ٻڌي مهيني جو پويون پڪ يا اڏ مهينو (جنهن ۾ هندو پنهنجن وڏن جا سراڌ ڪن).

– **پتَر دانُ:** ذ. مري ويلن جي نيت خيرات – وڏن کي ثواب پهچائڻ لاءِ خير خيرات.

– **پتَر رُلائڻ:** ڇنا چورا ڪرڻ. پاڳا رُلائڻ – ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. دربدر ڪرڻ. وڏن کي بدنام ڪرڻ – ٽڪو لائڻ.

– **پتَر ڪَرمُ:** ذ. ڪريا ڪرم – ڪفن دفن – سنسڪار.

– **پتَر ڪرڻ، کارائڻ:** هندن ۾ مري ويل مائٽ جي نيت برهمڻ کي پوڄن کارائڻ ۽ دان ڏيڻ.

– **پتَر لوڪ:** ذ. عالم ارواح – مُئلن جو مُلڪ. آباءُ و اجداد – ابا ڏاڏا.

– **پتَرَن کي پاڻي ڏيڻ:** وڏن جو نالو قائم رکڻ – وڏن واري هلت چلت اختيار ڪرڻ.

• **پتِرُ ج پتِرَ:** ذ. [سن. پُتْرَ. پُتْ = هڪ دوزخ جو نالو + تْرَئي = بچائڻ. جو (پٽ ۽ ڪي) دوزخ کان بچائي تو] پٽ – پيٽو.

– **پتِرُ وان:** ذ. صفت. پٽن وارو – پٽيتو.

– **پتِري ج پتِريون:** ٿ. ڏيءَ – نياڻي.

• **پتِرِڪڻُ (ت):** مصدر. ترڪڻ.

• **پتُرَڻُ (ت):** مصدر. پتَرَ وجهڻ (جاءِ ڪي).

• **پتُرَڻُ (ڪ):** مصدر. گهر ۾ گهڙي وڃڻ – تڪڙو اندر وڃڻ. (پترِيو – پترندو – پتريل).

• **پتُرِڻِي ج پتُرِڻِيُون:** ث. سونارڪي ڪم ۾ گُهن تي جٽڻ ڪيڻ جو اوزار.

• **پتِرو ج پترا:** ذ. [سن. پتر = پنو] پنو – ڪاغذ – ڪنهن به ڏاتوءَ جو پَرچ. ڇهن ڏبل روٽين جو مجموعو. دوا جي ٽڪين جو بند ٽيل مجموعو. (صفت) ڪنهون (ڏاتو جو پڙچ).

• **پتِرو:** صفت. پتڙو – چِڊو – ڪنگهو. (ث) پتِري.

• **پتِراڻ، پتِراڻي:** ٿ. پتڙائي – چِڊاڻ. سنهائي – باريڪي.

• **پتِريو ج پتِريا (ت):** ذ. پاڪڙ.

• **پتِڙيا (ٿ):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پتِشاهه:** ذ. بادشاهه. ڏسو "پاتشاهه".

• **پتَڪ:** ث. ٽوري ذري – ڦهي. پتڙي شيءِ جي ذري ٽيڪ. تمام ننڍڙو – تمام ٽوروڙو ذرو – (ث) پتِڪڙي. پتڪي ج پتِڪڙيُون – پتِڪيُون.

• **پتِڪ ج پتِڪُون (ڪ):** ث. آندو. اوئي (سانداري) جي سوراخ بند ڪرڻ لاءِ اُن ۾ وڏل سُت جي ڳنڍ.

• **پتِڪُون ڪيڻ:** آندا ڪيڻ – جهڳوري چڙڻ – ٽيڪ ڪيڻ.

• **پتَل ج پتَلُونْ:** ث. [ن. پترلولي] پائلَ – پَترَ. مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڑا چِلي ڏيڳهه هڪ يا ٻه فوٽ. دوٽر جهڙي. هن جا ٻه قسم آهن. درياءَ واري. جنهن جو رنگ سائيرو ۽ ميرانجهڙو ۽ پي جبل جي تلائن واري. جنهن جو رنگ اڇائڻ مائل ٿئي.)

• **پتَلُ:** ذ. [سن. پتّل] ڏاتوءَ جو هڪ قسم (جو جست ۽ تامي جي ملائڻ سان ٺهي).

• **پتُلڪُ ج پتُلڪَ:** ذ. پوڄو – ليبو – راڳو. پوڄي.

• **پتِلو ج پتِلا:** ذ. صفت. پتڙو – پترو – چِڊو – ٻاڪو – ڪنگهو. سنهڙو – ڏُبرو – ضعيف. اپرو. ڏسو "پترو". (ث) پتِلي ج پتِليون.

• **پتِلاڻ، پتِلائي:** ث. چِڊاڻ – پتڙائي. ڏُبرائي – اپرائي. ڳاڙهڪي.

• **پتِلو ج پتِلا:** ذ. [سن. پُتْلَكَ] بُت – بوتو – مُجسّمو. ڏهري يا هارَ جي وچ ۾ لڙڪندڙ ٽڪڙو. بيل گاڏيءَ جي پاسرين کي ملائڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر (ت).

• **پتَلُونَ ج پتَلُونُون:** ث. [انگ Pantaloon] انگريزي نموني جو پاجامو. ڪليل پائنچن سان سوڙهو پاجامو.

• **پتِلي ج پتِليُونْ:** ث. [سن. پتَرِكا] مڇيءَ يا ڏاتوءَ مان ٺهيل ننڍڙو

پُتَ – مورتي. ڪاٺ جو گڏو. سهڻي عورت. ماڻڪي (اک جي). لڪڙي (ڳچ).

– **پتلي بازُ ۾ پتلي بازُ**: ذ. صفت. پتلين جي راند ڪيڪارينڊ – پتلين وارو. نَگِ – حرفتي – جالاڪ.

– **پتلين پائڻ**: پتلين جي راند ڪيڪارڻ – پتلين جو تماشو ڪرڻ.

– **پتلين پڙهائڻ**: ڳالهين ۾ نگڻ – پنيلائڻ. نگينون سيکارڻ – جالاڪ ۽ حرفتي سڀائڻ.

– **پتلين وجهڻ**: پتلين جو کيل ڪرڻ.

• **پتنِي ۾ پتنِيُون**: ث. [سن. پتْـني] زال – زوجه – جوءِ ـ گهرواري.

• **پتَڻ**: مصدر. اعتبار ڪرڻ – ويساهه ڪرڻ. پنجڻ. (پتيو – پتمو – پتيل).

• **پتَڻُ ۾ پتَڻ**: ذ. درياءَ يا نهر جو گهيڙ (جتان مائهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پار اڪرن). تڻ. درياءَ ۾ هڪ کان ٻئي ڪپ ڏانهن نيندڙ ٻيڙي، ٻيڙيءَ ۾ درياءَ جي ٻيءَ پر اُڪارڻ جو پاڙو. اُن جا داڻا (جي هندو مردي جي پرسان ضامن طور رکندا آهن ۽ مسلمان وري دفن ڪرڻ بعد فقيرن کي ڏيندا آهن).

– **پتڻ پهچڻ**: پار اُڪرڻ – منزل رسڻ – ڪامياب ٿيڻ. (ڪنهن ڪم ۾) مراد حاصل ٿيڻ.

– **پتڻ چڑهڻ**: پراڙ وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ – وارو ملڻ – موقعو ملڻ.

– **پتڻ ڏيڻ**: پار اُڪرڻ جو اُجورو ڏيڻ. سفر جو توشو ڏيڻ – زاد راهه ڏيڻ.

– **پتڻ هٿ نه اچڻ**: وسيلي يا منزل تائين نه رسڻ. مشڪلات درپيش اچڻ. چونڪاري جو ذريعو مُيسر نه ٿيڻ.

• **پتو ۾ پتا**: ذ. [سن. پتْرَڪ] ڏَسَ – سرنامو – ايڊريس. [سن. پتْرُ + پن] پن (وڻ جو). پتو – تاڪي (ت). پتن جي تاس.

– **پتائتو**: ذ. صفت. نشان وارو – ڏَسَ وارو. هنڌائتو – هٿيڪو – پڪي پختي نشان وارو. ٽانيڪو.

– **پتو پوڻ**: خبر پوڻ – ڏڏ پوڻ. سيڪت اچڻ.

– **پتو ڏيڻ**: ڏس ڏيڻ – خبر ڏيڻ – سرنامو ڏيڻ. پنن راند ۾ گهربل پتولهڻ سبق سيکاري ڇڏڻ.

– **پتو ڪيڻ**: ڳولا ڪرڻ – ڏس هٿ ڪرڻ – ڳولي هٿ ڪرڻ. خبر لهڻ – ٺڪاڻو معلوم ڪرڻ.

– **پتو لڳائڻ**: ڳولا ڪرڻ – تلاش ڪرڻ – خبر رکڻ. ٺڪاڻو معلوم ڪرڻ.

– **پتي بازُ ۾ پتي بازُ**: ذ. صفت. جواري – پتائي. جالاڪ – حرفتي. نگ – فريبي – ڏوکيباز.

• **پتو ۾ پتا**: ذ. [سن. پتَڪ] جسم ۾ پتا ناهڻ جو هڪ اندروني عضو. معدي ۽ جيري جي پرسان نندڙي گوٽري. جنهن ۾ سائي رنگ جي هڪ پاڻيٽ ٿئي). پتائي گجر ۽ انب جو اندريون ڳَپ ول جو ڪجو ڦُر (خصوصاً ونگ. ريڙي. گدرو. چانهين. ميهو) جُن جو ڪجو پَٽُ. حَياءَ – شرم – لج. همّت – جرائت. غيرت.

– **پتائي ۾ پتائي**: ذ. صفت. پتي وارو.

– **پتائي گجَرَ ۾ پتائي گجَرُون**: ث. گجرن جو هڪ قسم (پتي واري گجر) – سنڈي گجر.

– **پتو پاڻي ٿيڻ**: ڪهل اچڻ – قياس اچڻ – رحم اچڻ. دپ کان ست نه سارڻ – هيسجي وڃڻ.

– **پتو پڌرو ڪرڻ**: بنياد پڌرو ڪرڻ – پٽر پڌرا ڪرڻ – عيب اُگهاڙڻ – اصل نسل ظاهر ڪرڻ.

– **پتو ڏارڻ**: غيرت ڏارڻ. همت ڏارڻ – جرائت رکڻ. لَڄ ڏارڻ – شرم ڪرڻ.

– **پتو ساڙي ڇڏڻ**: سخت صدمو ڏيڻ. بي غيرتيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ. سخت شرمسار ڪرڻ.

– **پتو قِسڻ**: بيڄائي ظاهر ٿيڻ. بي شرم ٿيڻ.

– **پتو ڪيڻ**: ڪاوڙائڻ. غصو ڏيارڻ – رنج ڪرڻ. سزا ڏيڻ.

– **پتو مارڻ**: ڪاوڙ مارڻ – چڑ مارڻ – غصو پي وڃڻ.

– **پتي تي پوڻ**: دل تي اثر ڪرڻ (نصيحت) – دل ۾ ڀُچي وڃڻ – دل سان لڳڻ.

– **پتي پاجارو ڪرڻ**: ٻاڻيءَ مان ڪيڻ. تنگ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ – بي حال ڪرڻ.

– **پتي وارو ۾ پتي وارا**: ذ. صفت. غيرت وارو – جوشيلو. سي حياڻيءَ جي ڪمن کان سخت نفرت وارو.

• **پتُورا**: اسم. خاص. هڪ ذات جو نالو. لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ ڳوٺ (جتي اها ذات رهندي آهي).

• **پتَورَتا**: ث. [سن. پتِ = مڙس + وَرَتا] مڙس جي حق ۾ رهڻ واري زال – سَتواري زال – پاڪدامن عورت.

• **پتوڙڻ. پتوڙڻ**: فعل متعدي. سخت محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ. گيندائڻ – جهاڳڻ – چاڇولڻ – مَٿاڙڻ – گهلڻ – تکليف ونڻ – محنت ڪرڻ – ڪشالو ڪرڻ – هلاڪ ٿيڻ.

– **پتوڙ**: ث. گهلڻ – گيندائڻ. مٿاڙڻ. ڪشالو – جَتَنَ – تکليف – هلاڪي.

• **پتوڪڙو ۾ پتوڪڙا (ل)**: ذ. صفت. ڏسو "پتڪڙو".

• **پتوڪو ۾ پتوڪا**: ذ. گوڏ جو ڪپڙو. گوڏ.

• **پتوئي (ڪ)**: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو. قد اڌ انچ کان ڏيڍ انچ).

• **پتي:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پتي ج پتي:** ذ. [سن. پَتِي] مڙس - ور - ڪانڊ - گهر وارو - خاوند.

• **پتي ج پتيُون:** ث. [سن. پَتْرُ + اِڪَا] پاڳو - واتو - حصو. وَنڊِ - وِرچَ. نندو پَنُ.

– **پتيارُ ج پتيارَ:** ذ. صفت. حصيدار - پائيوار - پاڳي پائي.

– **پتياري:** ث. حصيداري - پائيواري - شراڪت.

– **پتي دارَ ج پتي دارَ:** ذ. صفت. ڏسو "پتيارُ".

• **پتي ج پتيُون:** ث. ريڙي. گنڊِ (بصر جي).

• **پتيجاڻُو:** ذ. بدلو - عوض. نتيجو (خراب ڪم جو).

• **پتيجاڻو پائڻ:** خراب نتيجو پسڻ - ڪيتو لوڙڻ.

• **پتيري ج پتيريُون:** ث. [ع. فطيري] خميري جي سوڪ ۽ سنهي ماني.

• **پتيڪارَ:** ذ. لڇڻ - افعال - اڙڪان. اهجاڻ - نشان.

• **پتيلو ج پتيلا:** ذ. [سن. پتِلي] جست يا نامي جي ٿانءَ جو هڪ قسم (ديڳڙي وانگر ويڪري منهن وارو. ڍِڍراڏ گول).

• **پتيلو:** ذ. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسو.

• **پٽ ج پٽَ:** ذ. [سن. پٽ] رستو - واٽ مارگ. [سن. پَنْتُ] راڄ - قوم - قبيلو. ڪُرُم - ڪُتنب - آکيڙ.

– **پٽ ڏيڻ (ڪ):** واٽ ٻڌائڻ. دڳ لاڻ. سمجهائڻ - صلاح ڏيڻ.

• **پٽُ (ت):** ذ. [سن. پُرُٹ] نندڙو ۽ ايرو پار - ضعيف پار - نبلُ پار.

• **پٽَ ج پٽُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. ڏسو "پٽون".

• **پٽاڙ (ث):** ث. هيٺاهين زمين - ترُ.

• **پٽارَ:** ث. پکيڙ ڦهلاءَ - وڃائڻ جي حالت.

• **پٽاري پٽاريُون:** وڃايل هنڌ. ڏسو پاٽاري.

– **پٽاري چڏڻ:** پکيڙي چڏڻ (سامان) - وڃائي چڏڻ (هنڌ). سندرڻ (زمين).

– **پٽر تي ويهڻ:** تڏي تي ويهڻ - فوتيءَ جي گهروارن جو سوءَ سبب هيٺ فرش تي ويهڻ.

– **پٽرُ ڪرڻ:** قضئي سبب تڏو وڃائڻ - فوتيءَ جي سوءَ ڪرڻ.

– **پٽرُ وهڻ:** قضئي سبب مائٽن جي عذر خواهيءَ لاءِ تڏو وڃائڻ. غم جي حالت ۾ رهڻ - تمام ڪرڻ.

– **پٽرُ وهڻي ويهڻ:** غم ۽ ماتم جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ. ڪروڙ لائي ڏيڻ.

– **پٽراٽو:** ذ. صفت. پٽرائون - پٽرن وارو - پٽريلو.

– **پٽرائون ج پٽراونُ:** ذ. صفت. پٽرن وارو - پٽريلو. پٽر مان ٺهيل. پٽر جهڙو. سخت.

– **پٽرَ پاڻي ٿي وهڻ:** ڪنهن ڏک واري حادثي جي اثر کان سخت دل جو نرم دل ٿيڻ - سخت دل تي اثر ٿيڻ.

– **پٽرَ دل:** ذ. صفت. سنگدل - سخت دل. ڪٺور - ظالم - بي رحم - بي قياس.

– **پٽرَ کان پري هُئڻ:** بلڪل سخت دل هئڻ - سنگدل هئڻ - دل جو ڏاڍو هئڻ.

– **پٽرو ج پٽرا:** ذ. پٽرَ - پَهَڙ.

– **پٽري ج پٽريُون:** ث. نندڙو پٽرُ - پَهڻي - سنگريزو. پيشاب جي هڪ بيماري (جنهن ۾ مثاني يا ٻُڪيءَ ۾ پٽر پيدا ٿئي. پيشاب ۾ رُڪاوٽ ڪري).

– **پٽريلو ج پٽريلا:** ذ. صفت. پٽرائون - پٽر وارو.

• **پٽراڻي ج پٽراڻيون:** ث. [سن. پُرْسْتَرُ + وڃائڻ] ڪيڙي جي غلاف ۾ وجهي ناهيل وڃاڻو (ڪت توڙي پت تي وڃائڻ لاءِ).

– **پٽرُ:** ث. پٽرڻ جي حالت. پکڙجڻ جي حالت.

– **پٽرائڻُ:** مصدر. 'پٽرڻ' مان متعدي بالواسطه. وچارائڻ - پکيڙائڻ.

– **پٽرِ جَڻُ:** مصدر. 'پٽرڻ' مان فعل مجهول. پکڙجڻ - وڃائجڻ - پترجي وڃڻ.

– **پٽرو:** ذ. پکيڙ. ميرِ بحرن جي اصطلاح ۾ رَڄ کي ڪائيون ٻڌي درياءَ ۾ پکيڙي چڏڻ جي حالت (جيئن رڄ ٻڌي نه وڃي ۽ پاڻيءَ ۾ ترندو رهي).

– **پٽرڻ:** وڃائڻ (پٽرائيون).

• **پٽرڻي، پٽرڻي ج پٽرڻيُون:** ث. ڏسو "پٽراڻي".

• **پٽري (ت):** ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم. پيشاب ۾ رڪاوٽ جي هڪ بيماري.

• **پٽو ج پٽا:** ذ. زيور پائڻ ڪان اڳ ڪن يا نڪ جي ٽوبيل سوراخ ۾ وڏل ڪاٺي يا پوپو.

• **پٽورو:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ شهر ۽ ديهه جو نالو (پٽوري شهر ۾ هڪ مشهور بزرگ "پير پٽوري" جو مقبرو آهي. جنهن تي هر سال تمام وڏو ميلو لڳندو آهي).

• **پٽُون:** ذ. [سن. پُرُٹ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڏرا - ڏرا ٽڪرا - ٽڪرا ٽڪرا - ڳيا ڳيا. "پاهڻ پير پٽون ڪيا. تريون چنيون تو". (شاهه). مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا ڪنڊي. ڏيگهه ۾ ڏيڍ فوٽ ڪن. ڪاڏي ۾ نهايت لذيذ. تر رنگن جو ٿئي: اڇو. ڪارو ۽ ميرانجهڙو. اڇي رنگ جو شفاف پٽر (پاڻيءَ ۾ موتي وانگر جرڪي. هنجهه پکيءَ کي اهو وٽي ۽ جاه سان چونڊي کائي. تڏهن شاهه صاحب چيو ته "پٽون جي پاتار جا، جيتاريو جَٽن" ذ. صفت. نندڙو ۽ پارڙو.

• **پٽي ج پٽيُون:** ث. ڦٽ يا ڀڳل عضوي کي ٻڌڻ جي پٽي (ل) گهرَ جي پاسي واري ڏَري (ڪ).

• **پٽيرڻ:** مصدر. [سن. پرَسْتَرْ = پيڪرڻ] سر بندڻ جي ڪارب سان سرون ٽاهڻ – سرون وجهڻ. (پٽيرڻ – پٽيربندو – پٽيريل).

– **پٽيرو ج پٽيرا:** ذ. صفت. سرون وجهندڙ – سر بَنْدُ.

• **پٽ:** ٿ. پٽڻ جي حالت. ڪوهَ – ڪونڊَ – ڪولڻ جي حالت "پُورَ پٽ" – لُٻِري (ت).

– **پٽ پُوڙ:** ٿ. ڪولڻ ۽ بند ڪرڻ جي حالت (دري. اک وغيره).

• **پٽ:** ٿ. ٻيڙيءَ جو هڪ عضو. ٻيڙيءَ جي توازن قائم رکڻ لاءِ ڪم ايندڙ تختو. (جنهن پاسي ٻيڙي ليٽ ڪري، ان جي ٻئي پاسي ٻيڙيءَ جي ڪنار تي اُبر تختو رکي ماڻهو مٿان وهندو ته ٻيڙي سڌي ٿئي). نار جو هڪ عضو (وڏي ڇڪر جي مٿان پرچل ۽ ساڌا ڇهه هٿ ڊگهو ۽ هڪ هٿ ويڪرو (لڳل ٽاپو). گاڏي. گاهه جو هڪ قسم (ٻاڦ ۽ ٿئي. بصر جي پنن جهڙو ڊگهو، ٻاڦ ۽ تي ترندڙ اڪثر ميچي ڪائيس).

• **پٽ:** ذ. [سن. پرا. پٽّ] ريشم. ريشمي ڪپڙو.

– **پٽائُتي:** ٿ. صفت. پٽ جي – ريشمي – نرم – ڪُنئري.

ــ **پران پتي:** ذ. صفت. ساهه جو مالڪ ــ خدا تعالىٰ. مُرس ــ خاوند.
ــ **پرانَ پورا ٿي اچڻ:** حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ.
ــ **پران ڇڏڻ:** ساهه نڪرڻ ــ دم نڪرڻ.
ــ **پران داتا:** ذ. صفت. زندگي ڏيندڙ ــ حياتي ڏيندڙ ــ خدا تعالىٰ.
ــ **پران ڏيڻ:** ساهه ڏيڻ ــ دم ڏيڻ.
ــ **پران نڪرڻ:** ساهه نڪرڻ ــ دم نڪرڻ.
ــ **پران وڃڻ، ڪيڏ:** ساهه ڪيڏن ــ مارڻ ــ حياتي ختم ڪرڻ.
ــ **پرانو ج پرانا:** ذ. ساهه وارو ــ جسم ــ بت. مڙهه ــ لاش.
ــ **پراني ج پراڻي:** ذ. صفت. ڪوبه ساهواري. ڪائي (جنهن تي هندو لاش ڪٿي ويندا آهن).
• **پرانْت ج پرانْتَ:** ذ. [سن. پَرانْتْ = علاقو، صوبو] ملڪ جو حصو ــ پرڳڻو ــ صوبو. حد ــ ڏنگ (ملڪ جو).
• **پرانْجيو (ث):** ذ. ڳهه جو هڪ قسم.
• **پرانْهه، پرانْهينْ:** ث. [سن. پَر + پري] پري هڻڻ جي حالت. دوري ــ ڏوراڻ. ڇيڻ.
ــ **پرانْهون:** ظرف. پري جو ــ پريون ــ ڏور.
• **پراڻ ج پراڻَ:** ذ. [سن. پران = پرا + گهڻو. اَنّ = جيئڻ] ساهه ــ پساهه ــ دم ــ پران. حياتي ــ زندگي ــ جيءُ. روح ــ جان. (صفت) پيارو ــ جاني.
ــ **پراڻ تياگڻ:** ساهه ڇڏڻ. مري وڃڻ.
ــ **پراڻ پتي:** ذ. صفت. ساهه جو مالڪ ــ خدا تعالىٰ. مڙس ــ گهرواري ــ خاوند.
ــ **پراڻ ڇڏڻ:** مري وڃڻ ــ دم پورا ڪرڻ.
ــ **پراڻ داتا:** ذ. حياتي ڏيندڙ ــ خدا تعالىٰ.
ــ **پراڻ ڏيڻ:** ساهه ڏيڻ ــ دم ڏيڻ.
ــ **پراڻ ڪُٽڻ ڏيڻ:** مرن ويجهو ٿيڻ ــ سڪرات ۾ هجڻ.
ــ **پراڻ نڪرڻ:** ساهه نڪرڻ ــ دم نڪرڻ.
ــ **پراڻ ج پراڻا:** بنان ساهه واري مڙهه. لاش.
ــ **پراڻي ج پراڻي:** صفت. پساهه واري.
• **پُراڻ:** صفت. [سن. پُراڻ < پُرا + پراڻو] پراڻو ــ جهونو ــ قديم ــ اوائلي ــ ڪم ۽ آندل ــ واپرايل. (اسم خاص) سنڌو نديءَ جو هڪ پُراڻو وهڪرو. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پُراڻ ج پُراڻ:** ذ. [سن] آڳاڻي زماني جي ڪا شيءِ. گذريل واقعا. آڳاڻي زماني جا قصا. قديم آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون" قديم قصا. هندن جا ارڙهن پوتر ڏرمي ڪتاب (وشن، نارويا، پاڳوت". گرو، پدم". وراها، تيسا، ڪريا، لنگا، شو، سڪند، اگني، برُهم، برهمند، برهم" ديورت، مارڪنڊيه، پوشيه، و امن. (اسم خاص) سنڌو نديءَ جو هڪ پُراڻو وهڪرو. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پُراڻو ج پُراڻا (ث):** ذ. بانس جي ڇڻ.
• **پُراڻو ج پُراڻا:** ذ. صفت. [سن. پُران + ڪ] قديم ــ ڪهنو ــ جهونو ــ آڳاتو. گهڻن ڏينهن جو. ڪم آندل ــ واپرايل. ردي ــ زيون. پوڙهو ــ اڳئين نمونو جو ــ دقيانوسي. (ث) پُراڻي ج پُراڻيون.
ــ **پُراڻا پاڻ وَسائڻ:** اصلوڪا ماڳ وسائڻ ــ ڇڏيل هنڌن تي وري اچي رهڻ.
ــ **پُراڻائي:** ث. جهونائي ــ قدامت.
ــ **پُراڻو پاپي:** ذ. صفت. جهونو گنهگار. تجربيڪار ــ زماني ۾ آئيل ويڙل. وڏو حرفتي. چالاڪ.
• **پراڻو جهڏو:** سر خاص. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پُراڻو ديرو:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پُراڻو واهه:** اسر خاص. تعلقي ٽنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پَراهِڻ:** مصدر. پهرائڻ ــ ڍڪائڻ ــ اوڍائڻ (وڳو يا خلعت) "آري آگهاڙن کي، ٿو پنهون جام پراهي" (شاهه). (پراهيو ــ پراهيندو ــ پراهيل.
• **پراهوڻ ج پراهاڻ:** ظرف. پري جو. پرانْهون ــ ڏورانهون. ("اوراهون" جو ضد).
• **پرائمري:** صفت. [انگ. Primery] اول درجي جي حيثيت رکندڙ ــ مقدمڙ. ابتدائي ــ شروعاتي ــ مَنڊ وارو.
ــ **پرائمري تعليم:** ث. ابتدائي تعليم (پهرئين درجي کان پنجين درجي تائين).
• **پرائي، پرايو ج پراوا، پرايا:** ذ. صفت. [سن. پَرْ + ڪ ــ اِڪَهْ = ٻئي جو] ٻئي جو ــ غير جو ــ ڌارئي جو. ڌاريو ــ غير ــ اجنبي. (ث)

پرائي ج پرايون.

– **پرائي پرايو ڪير ڪري**: پرايو ڪم خراب ڪرڻ. ٻئي کي نقصان رسائڻ.

– **پرائي اوجهه تي ڏيڻ** (ت): ٻئي جي ڪم ۾ پئي پنهنجو به نقصان ڪرڻ.

– **پرائي ٻوڙ تي اچو (ماني) ٻڌڻ**: ٻئي جي آسري تي اعتبار ڪرڻ. ٻئي جي دلاسي تي لڳڻ. ٻئي جي زور تي ڪڏڻ.

– **پرائي ڪنين لڳڻ**: ٻين جي ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ. ٻين جي ڇوڙ تي لڳڻ.

– **پرائي اُوت (آوَ) ۾ اڇهڻ**: ٻئي جي عوض ۾ قاسڻ. ٻئي جي ڏوهه ۾ قاسڻ. ٻئي جي ڪئي جي سزا پوڳڻ.

– **پرائي ٻار مان ٻڪ پوڻ** (ت): پرائي شيءِ ڦٻائڻ يا چوري ڪرڻ. ٻئي کي نقصان پهچائڻ. پرايو جهجهو مال ڏسي لالچ ڪرڻ.

– **پرائي ڇڄڻ ڪرڻ**: ٻئي سان ڪوڙس. ڳلا ڪرڻ. ٻين جا عيب ثواب ڪولڻ.

– **پرائي کان پري پوڃ**: ٻئي جي چوري يا ڳلا کي ويجهو نه وڃڻ. چوري ۽ ڳلا کان پاسو ڪرڻ.

– **پرايون ڪرڻ** (ث): ٻين جون ڳلاڪون ڪرڻ. ٻين جي ڳالهين ۾ تپي پوڻ.

• **پرڀَتْ** ج **پرڀتَ**: ذ. [سن. پَرُوتَ] جبل – (صفت) تمام وڏو. تمام گهڙو.

• **پرڀَنْدَر**: اسم خاص. ڪڇ ۾ هڪ بندرجو نالو – پور بندر.

• **پرڀِيڻُ**: ذ. صصفت. [سن. پُر وِيڙ] هوشيار – ڏاهو – سمجهو – ذهين. اُستاد ڪاريگر. تمام اعليٰ – اُجو. لائق. دُوراندیش – آڳو پيڇو جاچڻ وارو.

• **پرڀُلَ** ج **پرڀلَ**: ذ. صفت. [سن. پُرَبَلَ] تمام وڏي قوت وارو. طاقت وارو – سگهارو – سگهو. غالب – زبردست. سخت ڏاڍو – مضبوط.

– **پرڀُلتا**: ث. وڏي سگهه. طاقت – قُوتَ ۽ زور – شڪتي – بَلَ – سگهه.

• **پرڀَنْڌ**: ذ. [سن. پْرَبَنْدَ = انتظام] لاڳاپو – واسطو – ڳانڍاپو – تعلق. سلسلو – لاڙ. لاڳيتو ڪم.

• **پرڀوءَ**، **پرڀوڌ**: ذ. [سن. پْرَبوڌ] جاڳ – سجاڳي – بيداري – سنيال. هوش – خبرداري. هوشياري – دانائي. سُرت – عقل – سمجهه – گيان – سکيا – تعليم. جاڻ – سَڌ – پار. شناس. صلاح – مت – مشورو. سمجهاڻي. تسلي – دلاسو. يقين.

– **پرڀوڌي**: صفت. سجاڳ ڪندڙ – هوشيار ڪندڙ. داناءُ – سکيا ڏيندڙ. واعظ – ناصح. استاد. مُصلح.

• **پرڀَهُ**، **پرڀهه**: ذ. [سن. پَرُ = چند جي بدلجڻ جو ڏينهن (چند جي پهرين، ائين، چوڏهين ۽ ٻاويهين تاريخ). سال جو خاص حصو. سج جو نئين منزل ۾ داخل ٿيڻ جو وقت. وڏو ڏينهن – ڏهاڙو – ڏڻ. جشن يا خوشيءَ جو ڏينهن. پاڪ ڏينهن (عيد وغيره). مناسب وقت – موقعو – گهڙي – لمحو.

– **پرڀ ڪرڻ، ڏينهن ملهائڻ**: ڏينهن ملهائڻ – ڏڻ ملهائڻ. خوشيءَ وارو ڏينهن ملهائڻ.

• **پرڀات** ج **پرڀاتيون**: ث. [سن. پْرِياتْ < پْرَ = گهٽ. چوڌاري + يا = جمڪڻ] سج اُبرڻ کان اڳ واري مهل. وڏو صبح – صبح صادق – برهم – ڏِکي – علي الصّباح.

– **پرڀاتي**: صفت. پرڀات وارو – پرڀات جو – صبح وارو. (ث) هڪ راڳڻي، جو نالو (جا صبح جو گهائي وڃي).

– **پرڀاتيو**: ذ. ڏاڏن. ڏاڪ جو گهيج.

– **پرڀاءُ**: ذ. [سن. پْرَبَاوْ] طاقت – قُوت – بَلَ – سگهه. اثر – تاثير – گُڻ. شان – شوڪت. خدائي طاقت يا ذات. حوصلو – دليري. جوش – اُتساهه. فِطرت – سُڀاءُ. ريت – رسم – رواج.

• **پرڀت**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڳجهه جي قسم مان. رنگ ڪارو ۽ ڪجهه خاڪي) – ڪانبار.

• **پرڀڻ**، **پرڀڻُ**: مصدر. – سرجڻ – ريجهڻ – راضي ٿيڻ. پرچڻ. سانت ڪرڻ. وندر (ٻاڻ). (پرڀيو – پرينڊو – پرييل).

– **پرڀڻ**: ث. پرچڻ جي حالت. سرجاءُ ۽ ريجهه. راضيو – خوشي – وِندر.

– **پرڀاڻڻ**: فعل متعدي. ريجهاڻڻ – خوش ڪرڻ – پرچاڻڻ – سرجاڻڻ. وندراڻڻ. لالچ ڏيئي ڇپ ڪراڻڻ. (ٻار کي). (پرڀايو – پرڀاڻيندو – پرڀايل).

– **پرڀائي ڇڏڻ**: راضي ڪري ڇڏڻ. پرچائي ڇڏڻ. لالچ ڏيئي مات ڪرائي ڇڏڻ.

– **پرڀِجَڻ**: مصدر. پرڀڻ مان فعل مجهول. پرچڻ – ريجهڻ – راضي ٿيڻ. وندرڻ. (پرڀيو – پرڀو – پرييل).

• **پرڀُو**: ذ. [سن. پُرَپُو < پْرَ = گهٽو + پُو = هٽڻ] سپ کان مٿاهون. برتر – قائق – حاڪم – سردار. مالڪ – خدا – ڌڻي. آقا.

• **پرت** (ڪ): ظرف. پري – ڏور.

• **پرتُ** ج **پرتَ**: ذ. [سن] تَهُ – پرُ (ڪپڙي، پني وغيره جو). پنو – ورق. چلڪو – ڪَلَ.

• **پرْت**: ث. [سن. پْريتَ] پريت جو مخففہ. پريت – محبت – قرب – پيار. عشق. سڪ – اُڪير – جاهُ.

– **پرْت پاڙڻ**: پريت نباهڻ – نيڻهن نيائڻ – دوستي نيائڻ.

– **پرْت ٻاڻڻ**: پيار محبت جو رستو ڪرڻ. دوستي گهٽڻ – ياري رکڻ.

– **پرْت جو ڇهڙ ٻاڻڻ**: عشق ۾ محبت جي ڳالهه بولهه ڪرڻ. سڪ جو

سودو ڪرڻ.

– **پُرتابي ج پرتابي:** ذ. صفت. پرتاب وارو – روشن – منوّر. جلويدار – دبدبي وارو. وڏو فياض.

• **پُرتارڻ** (ت): مصدر. پڙتال ڪرڻ. جاچ ڪرڻ. تحقيقات ڪرڻ.

• **پرِ تارَ:** ث. پڙتال – جاچ – تحقيقات.

• **پُرتالَ ج پُرتالُون:** ث. [سن. پَرَتال] زرعي زمين جي چڪاس ۽ ڏوڙو. چڪاس – جاچ – جائزو. ڪاڻي، جي حساب ڪتاب جي جاچ. آباد ڪيل زمين جي ٻيهر چڪاس.

• **پُرتان** (ل ڪ): ظرف. ٻَڌ تان – پنيان.

• **پُرتڪالو ج پُرتڪالا:** ذ. ڪدو – ايرائون.

• **پُرتڪ:** صفت. [سن. پُرَتَكْش] اکين اڳيان – ظاهر – پڌرو – عيان.

• **پُرتگيا:** ذ. [سن. پُرَ تِگْيا] اقرار – انجام – بول – قول – وچن. قبوليت. پڪو ارادو.

• **پُرتلو ج پُرتلا:** ذ. ڇمڙي جو ٽيلهو. ڪلهي ۾ لٽڪائڻ لاءِ ڇمڙي جو ٽيلهو.

• **پُرتما:** ذ. [سن. پْرتِما] مورتي. بُت – مُجسمو. تصوير.

• **پُرتو ج پُرتا:** مصدر. 'پرچڻ' مان ماضي جو صيغو. راضي ٿيو – خوش ٿيو – ريڌو – سرجيو. پرييو. حوالي ٿيو – آريو.

• **پُرتو ڪرڻ:** حوالي ڪرڻ – سونپڻ – سپرد ڪرڻ.

– **پرتو ج پرتا:** ذ. تماشو – کيل. ڪرشمو – حيرت ۾ وجهندڙ ڪٿن تي پرتا ڪرڻ. (محاورو).

– **پرتا ڪرڻ:** ڪرشما ڏيکارڻ. هٿ نات ڪرڻ.

• **پُرتَوَ:** ذ. [ف] روشني. شعاع. ڏئو – تجلو. عڪس – پاڇو.

– **پرتوِ پوڻ:** اُهاڙ پوڻ. تجلو پوڻ – ڏئو پوڻ – شعاع پوڻ – اولڙو پوڻ – اثر پوڻ (صحبت جو). سايو پوڻ – (ڪنهن بزرگ جو). رهبري حاصل ٿيڻ.

• **پرتيا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پُرتيتَ:** ث. [سن. پُرَتِيتْ] بصيرت. سمجهه. نظريو – واضح خيال. پوري واقفيت يا تحقيق. علم. تجربو. يقين – عقيدو. ويساهه – پروسو – اعتبار – ساک. شهرت – مشهوري. (صفت) گذريل – اڳوئو. ثابت ٿيل. معتبر – پروسي جوگو. مشهور.

• **پرتَمَ:** ذ. صفت. [سن. پُرَثَمْ] پهريون – ابتدائي – اڳيون – مُنڊ وارو. آڳاتو. تمام پراڻو. اصلي – گذريل. وڏو. اُجو – عمدو. افضل.

• **پُرتَما:** ث. [سن. پُرَتما = ابتدائي] ويڪر – پکيڙ – وسعت. وڏائي.

• **پُرتمي:** ث. [سن] پرٿوي – ڌرتي.

• **پُرتِهْي ج پُرتِهْيُون:** ث. پرٿوي – ڌرتي.

• **پُرتْو ج پُرتا** (ڪ): ذ. پلتو – قيرو – ورندي – جوابِ حجت. بهاني بازي. نٽاءُ. ڪُوڙ. اَهلَ – ڇَڙ.

• **پُرتْوِي:** ث. [سن. پُرتِوِي] ڌرتي – زمين – پُونءِ – پرٿِپي. جڳت – دنيا. جهان.

• **پُرتْهي ج پُرتْهِيُون:** ث. ڏسو "پُرتْوِي".

– **پرتهي ناٿ:** ذ. روءِ زمين جو مالڪ – مهاراجا – سلطان.

• **پُرتْ، پِرتْ ج پُرتَه:** ذ. [سن. پَرِتَه پَرِ = جوڙاري + اَتْ = گهمڻ = جيڪو جوڙاري گهرن ۾ وڃي گڏڪري ۽ ڏوئي ورهائي ڏئي] ڏوبي – ڪتبي (ٿ) پُرْت ج پرتياڻي.

• **پُرتَه:** ث. ڏاتوءِ ڪي پگهارڻ بعد ڪنهن سانچي يا قالب ۾ پلٽ. اوتَ. هارَ. مَت – رايسي.

– **پُرتائڻ:** مصدر. فعل متعدي. هارڻ – اوتڻ. اُتلائڻ. (پرتايو – پرتائيندو – پرتايل).

– **پُرتجَڻ:** مصدر. 'پرتڻ' مان فعل مجهول. پلٽجڻ. اوتجڻ. هارجڻ. اُتلڻ – ابتو ٽيڻ. (پرتيو – پرتبو – پرتيل).

• **پُرڌڪ:** ذ. صفت. [سن. پَرِپَكْو. پَرِ = جگي، طرح + پَكْوَ = پڪو] پڪو پختو. پڙ – هوشيار – تجربيڪار – قابل. چالاڪ وڏو آزمودگار.

• **پُرڌَنْجَ:** ذ. [سن. پُرَپَنْچَ. پُرَ = گهڻو + پَنْچ = ڦهلاڻ] ڪوڙ. ڇڳي – دغا – دولاب – فريب. ڪوڙو وهنوار – جنجال.

– **پُرڌَنْجي:** ذ. صفت. ڪوڙو. ڇڳ – دولابي – مڪار – فريبي – دغاباز.

• **پر پُورو:** ذ. سوني گهڙ ۾ جَڙيل. ڳاڙهي رنگ جو پڙو يا مِينَ.

• **پُرڄ:** ذ. هڪ راڳڻيءِ جو نالو.

• **پُرْجا:** ث. [سن. پُرَ = گهڻو + جَنْ = پيدا ٿيڻ] رعيت. اولاد – نسل. قوم. مخلوق. عام خلق – عوام. ڏڻ پُڙو.

– **پُرْجاپتي:** ذ. صفت. پرجا جو مالڪ. حاڪم – راجا. مخلوقات جو بنائيندڙ ۽ پالينڊڙ.

• **پُرْجَ، پُرْجا:** ث. ڏسو "پُرجا".

– **پُرْجهه:** ث. سمجهه – پروڙ – ڄاڻ.

– **پُرْجهائي:** ث. سمجهائي.

– **پُرْجهائڻ:** فعل متعدي. سمجهه ۾ وهارڻ – سمجهائڻ "ڳالهه پرين، جا پُرجهائي" (سجل).

– **پُرجهَلَ** (ت): ذ. صفت. يڪدم پرجهي ويندڙ. سمجهو – سياڻو – عاقل – ڏاهو.

• **پرُجُ ۾ پرُڇَ:** ذ. پرُڇَ – تڏو. ڪسوٽي – امتحان – آزمايش.

• **پرُڇا:** ٿ. [سن. پريڪْشا. پُر = جوڙاري + ايڪْش = ڏسڻ] پرک – شناس – پڇاڻ. ثبوت.

• **پرُڇارُ ۾ پرُڇارَ:** ذ. [سن. پُرَڇارُ. پُـر = جوڙاري + چَـرْ = وڃڻ] جوڙاري پکيڙ. ڦهلاءُ (نظريي يا خيالن جو) – اِشاعت. مشهوري. اظهار – اعلان. عام ماڻهن ۾ پڌرائي جو ڪر. تبليغ.

– **پرُڇارَڪُ ۾ پرُڇارڪ:** صفت. [سن. پرُڇارَڪ] پرچار ڪندڙ – تبليغ ڪندڙ – مُبلغ. عوام کي آگاهه ڪندڙ.

• **پرُڇڪُ (ت):** ٿ. ٽوروڙو – ڏرڙو. ٽيڪُ جو ڏرو.

– **پرُڇڪُ هڻڻ:** ٽيڪ هڻڻ. جهيڙو مڃائڻ. وڃي وڃڻ – پُرڏلي ڏيکارڻ.

• **پرُڇَمُ ۾ پرُڇَم:** ذ. [ف] جهنڊي ۾ ٻڌڻ جو خاص نشان وارو ڪپڙو – بيرق. عَلَم – ڏجا – بانڊيٽو. باد نُما (هوا جو رُخ ڏيکارڻ وارو جهنڊو).

– **پرُڇ:** 'پرُڇڻ' مصدر مان 'امر' جو صيغو.

– **پرُڇا:** ذ. پرُڇاءَ – ناهه. رضامانو – صلح.

– **پرُڇائِي:** ٿ. پرڇائڻ جي حالت. فوتيءَ جي عزيزن سان غمخواري. عذرخواهي.

– **پرُڇائِي ڏيڻ:** عذرخواهي ڪرڻ.

– **پرُڇائِي ڪرڻ:** عذر خواهي ڪرڻ. پرچاءُ ڪرڻ (ت).

– **پرُڇاءُ:** ذ. صلح – ناهه – نهراءُ – ميلاپ.

– **پرُڇاءُ صرُڇاءُ:** ذ. صلح – ناهه – رضامانو.

– **پرُڇائِڻ:** فعل متعدي. سَرڇائڻ – پرِيائڻ – راضي ڪرڻ. ناهه ڪرائڻ – سلوڪ ڪرائڻ. وندرائڻ. مان سَرائڻ – مڃائڻ (ٻار کي). ريجهائڻ. بند ڪرڻ (دڪان وغيره).

– **پرُڇائُو ۾ پرُڇائُر:** ذ. صفت. پرچاءُ ڪرائيندڙ – ناهه ڪرائيندڙ – صلح ڪرائيندڙ.

– **پرُڇائِي ڇڏڻ:** سرڇائي ڇڏڻ – (رنڊن کي) ناهه ڪرڻ. ملائي ڇڏڻ. ريجهائڻ. ڇڏڻ. بس ڪرائڻ (ٻار کي روئڻ کان).

– **پرُڇي وڃڻ:** نهي وڃڻ (ٻاڻ ۾). ريجهي وڃڻ. صلح ڪرڻ – ناهه ڪرڻ. ٻاڻ ۾ ملي وڃڻ.

• **پرُڇو ۾ پرُڇا:** ذ. [ف. پارچه جو مخفف] ٽڪرو – پرزو (ڪاغذ جو). امتحان لاءِ سوال لکيل ڪاغذ – پيپر. اخبار. رسالو.

– **پرُڇي نويس:** ذ. صفت. پرچو لکندڙ. خبرون لکندڙ – اخبار نويس.

• **پرُڇُوڻِ، پرُڇوڻ:** ذ. [سن. پُـرَ + چَرْڻ] ريزڪي سامان (اٽو. دال. مرچ. گهه وغيره. وڳت – ريجو – ريزگاري.

• **پرُڇَهَ (ت):** پت ۽ پرم – ساک. سِڪ – محبت. سلوڪ – ناهه.

– **پرُڇَهَ وڃائڻ:** جڏو ڪر ڪري سِڪ محبت ۽ رکنو وجهڻ – دوستي ڦٽائڻ – قرب وڃائڻ. "جو ريلو ماڻهو پنهنجي پرُڇَهَ وڃائي" (چوٽي).

• **پرُڇ:** ٿ. ڪاڏي جي ٽالهي (جا ڪنهن موقعي تي فقير ڏانهن موڪلجي).

• **پرُڇ ۾ پرُڇ:** ذ. ڏسو "پاڙ".

• **پرُڪاش:** ٿ. [ف] جهڳڙو – جهيڙو. ضد – دشمني. ڪدورت – ڪينو. رنج. بي اتفاقي – اُٻٽ ۽ بگيڙو.

• **پرُڌُ ۾ پرُڌ:** ذ. تَهُ – پرُت. پوش.

– **پرُڌَ پڌرا ڪرڻ:** عيب اُگهاڙڻ. راز ظاهر ڪرڻ. پوشيده ڳالهيون پڌريون ڪرڻ.

• **پرُداخْتَ:** ٿ. [ف. مصدر. پرداختن] پالنا – پرورش. خبر گيري – سنڀال – حفاظت. درستي – آراستگي.

• **پرُدارُ ۾ پرُدار:** ذ. صفت. ناصر – ريهارو.

• **پرُداز:** صفت. [فعه مصدر. پرداختن] پالنا ڪندڙ – سنڀاليندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ايندڙ لفظ جيئن "افسانه پرداز. وغيره".

• **پرُدگِي ۾ پردگِيون:** ٿ [ف] پردي ۾ رهڻ جي حالت – پرده نشيني.

• **پرُدو ۾ پرُدا:** ذ. [ف. پرده] پوش – ڍڪ – ڪنهن شيءِ کي ڍڪڻ يا لڪائڻ جو ڪپڙو وغيره. نقاب – گهونگهٽ – اوٽ – آڏ – دروازي جي اڳيان ڏنل آڏ (جيئن باهران گهر ۾ نظر نه پئجي سگهي). ڏيڍي – پڙويلو – ڪَل – دروازي تي ٽنگيل پالُ – نانڪ جو پردو – برقعو – پرهيز – پناهه – بچاءُ – حفاظت – علاڪو.

– **پردا چڪهڻ (اکين تي):** انڌو ٿيڻ – بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ.

– **پردو پناهه جو ڏيڻ:** حفاظت ۾ رکڻ – پناهه ڏيڻ – عزت بچائڻ.

– **پردو رکڻ:** ڍڪُ ڍڪڻ – عيب لڪائڻ – پَرم رکڻ. ستيا رکڻ. عزت رکڻ – عصمت بچائڻ.

– **پردو فاش ڪرڻ:** عيب ظاهر ڪرڻ. راز ظاهر ڪرڻ. ڪارنامو پڌرا ڪرڻ.

– **پردو کڄڻ:** ظاهر ٿيڻ. راز کلڻ. خواري ٿيڻ.

– **پردو لاهڻ:** ڍڪ لاهڻ. ظاهر ڪرڻ. اُگهاڙو ڪرڻ. ڇڄهه پڌرو ڪرڻ – راز ظاهر ڪرڻ. پرهيز نه ڪرڻ. مُنهن اُگهاڙو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. عيب ثواب کولڻ.

– **پردو لهڻ:** عيب ظاهر ٿيڻ. بي آبرو ٿيڻ.

– **پردو وجهڻ:** لڪائڻ. ڍڪڻ – پوش وجهڻ. عيب ڍڪڻ. گهه لڪائڻ

— راز لکائڻ، چشم پوشي ڪرڻ. لئي مٽي ڪرڻ.

— **پردي پوش:** صفت. پرده دار (عورت)، پرهيز ڪندڙ (عورت) يڪ ڏکيندڙ. عيب ڍڪيندڙ.

— **پردي پوشي:** ث. پرده داري — پرهيز.

— **پردي داري:** ن. پردي ڪرڻ جي حالت. پردي جي پابندي. لڄ — رازداري.

— **پردي مان ڪيڻ:** ظاهر ڪرڻ — ٻڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. گلارو ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.

— **پردي نشين:** صفت. پردي ۾ رهندڙ. پرهيز ۽ ويڙهه (عورت). پردي جي پابند (عورت).

• **پَرْدُهُ:** ذ. [ف] پردو — ڏڪ — غلاف.

— **پرده پوش:** ذ. پردو ڪندڙ (عورت).

— **پرده پوشي** ٿ. پردي ڪرڻ جي حالت.

— **پرده دار:** صفت. پردو ڪندڙ. پردي دار.

— **پرده داري:** ث. پردي داري.

— **پرده عِصْمَتْ:** ذ. ناموس. عزت — پاڪدامني.

— **پرده ظُلْمَتْ:** ذ. اونداهيءَ جو پڙدو. گمراهي. جهالت.

— **پرده غيبه** ذ. غيب جو پردو. الٰهي اسرار.

— **پرده نشين:** صفت. پردي نشين. پردي جي پابند (عورت).

— **پرده نيلگُونْ:** ذ. نيلي رنگ جو پردو. آسمان.

• **پَرْدِي** ج **پَرْدِيُونْ:** ث. [ف. پرده] سنهون پردو. تختن جي پت. سنهي پت (اڌائي انچن کان پنجن انچن تائين ٿلهي).

• **پَرْدِيسُ** ج **پَرْدِيسَ:** ذ. [سن. پَرَدِيشَ ‹ پَر = ڌاريو + ديشَ = ملڪ] پرانهون ملڪ — پرڏيهه — ڏيسانور — ڌاريو. غير ملڪ. پرايو ملڪ.

— **پرديس ڀوڳڻ:** ڌاريءَ ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ. سفر جون تڪليفون سهڻ. مسافر ٿي گذارڻ.

— **پَرْدِيسِي** ج **پَرْدِيسي:** ذ. صفت. ٻئي مُلڪ جو رهاڪو. مسافر. اجنبي. ڌاريو.

• **پَرْدُ** ج **پَرْدُ:** ذ. ڏسو "پَرد".

— **پَرْدُ پَدْرا ڪرڻ:** پرد پدرا ڪرڻ. راز کولڻ.

• **پَرْدَانُ** ج **پَرْدَانَ:** صفت. [سن. پُرَدَان] مکيه. سربراه. وڏو — سردار. اعليٰ. صدر. ميئر مجلس — سڀاپتي.

• **پَرْدُو:** مصدر. پَرجهڻ' مان ماضي. سمجهيو — جاتو. پرجهيو.

• **پَرْدُڪِشَا:** ٿ. [سن. پُرد ڪُشِنْ] هڪ ڏرمي رسم موجب ڪنهن شيءِ جي جوڌاري اهڙي نموني سان قِرڻ جيئن ماٿهوءَ جو سجو ياسو انهيءَ شيءِ جي طرف رهي. ٿندن ۾ چوڌاري قِرڻ جو رواج — طواف.

• **پَرْڊيهُ** ج **پَرْڊيهَ:** ذ. ڏسو "پرديس".

— **پَرْڊيهِي** ج **پَرْڊيهِي:** ذ. صفت. ڌارئي ملڪ جو — پرديسي. مسافر. ڌاريو — اجنبي.

• **پَرْڙاتُ** ج **پَرْڙاتَ:** ذ. ٽٻ جو زورائتو آواز. ڌاڙ — ٻٽاڪ

— **پَرْڙاتِي** ج **پَرْڙاتِي:** ذ. صفت. اجايا ٽٻ ڏيندڙ. ٻٽاڪون هڻندڙ — ڌاڙي — ٻٽاڪي.

• **پَرْڙوتِيو (ث):** ذ. نندي ٻلا. چوپائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ نشان.

• **پَرْزُ** ج **پَرْزُ (ڪ):** ذ. جڦمق سان گسائي باهه ٻارڻ لاءِ. رَڪ جو ٽڪر.

• **پَرْزَڊِ** ج **پَرْزَڊِيُونْ (ڪ):** ٿ. سرائي (سَرمي جي).

— **پُرْزُو** ج **پُرْزا:** ذ. [فـ پرزه] ٽڪرو — ٽوٽو — ذرو. ڪاغذ جو ٽڪرو — جُٽي. مشين جو ڪو جُزو.

— **پُرزا پُرزا ڪرڻ:** ذرا ذرا ڪرڻ — ٽڪر ٽڪر ڪرڻ — چيٿيون چيٿيون ڪرڻ.

• **پَرْسُ** ج **پَرْسَ:** ذ مَڪ (پاڻيءَ يا تيل جو).

— **پَرْسُ ڪرڻ:** آلو ڪرڻ — پُسائڻ. ڪُڏڪ لڳائڻ.

• **پُرْسُ** ج **پُرْسَ:** ذ. [سن. پُرُشْ] مرد — شخص. مُرس — ٻتي — پتار — وَرُ. "آڇيا ٿ اوڙاهه ۾، پُرس پاڻ ڪرا." (جمع). ڪوهه جي ماپ جو هڪ ماڻ — پرهه (ٿ).

— **پُرْسائو** ج **پُرْسائا:** ذ. صفت. مڙسائو.

— **پَرْسادُ پروسَڻ:** ڪاڏو ٿانون ۾ وڌائڻ.

— **پَرْسادُ ڪرڻ:** ڪاڏو ڪائڻ. خيرات ڪرڻ.

• **پَرْسادِي:** ٿ. گورنانڪ جي فقيرن جي اعزاز ۾ ڏنل دعوت ۾ ٻجيل ڪاڏو مٺي مانيءَ جو هڪ قسم.

• **پَرْسادِي:** سَرهي گاهه جو هڪ قسم.

• **پَرْسَارَ (ت):** ٿ. رازن جي اصطلاح ۾ اوساريءَ جو هڪ نمونو (سِرن کي نندي ويڪر وارن پاسن کان ملائي ڪيل اوساري).

• **پَرْسارَڻُ:** مصدر. [سن. پُرَسْتَرْ] پکيڙڻ — وڇائڻ. وڌائڻ — ڇڪي وڌو ڪرڻ. ڪٽي ويڪرو ڪرڻ (ڏاتو کي).

— **پَرْسارِڻُ جوڳو:** صفت. نرم — مُلائم. اها شيءِ جنهن کي ڪٽي ويڪرو ڪري سگهجي — وڌيڪ سنهي ۽ ويڪري ٽيڻ جي خاصيت رکڻ واري.

• **پَرْسارو (ت):** ذ. شاديءَ غميءَ جي موقعي تي ويجهن عزيزن کي سوڪڙيءَ طور ڏنل شيءِ.

• **پَرْسانُ، پَرْشانُ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ناريون سنهيون ۽ ڳاڙهيون. ڪوهه. درياءَ وغيره جي ڪپ تي پوسل ۾ ٽٽي ۽ ٻن قسمن جو ٽٽي).

• **پُرسانُ:** صفت. [فـ. مصدر. پَرسيدن] پڇندڙ – پُڇا ڪندڙ – خبر گير.
– **پُرسانِ حال:** صفت. حال احوال وٺندڙ – ڏک سور پڇندڙ – همدرد.
• **پَرَستُه:** صفت. [ف] پوڄندڙ – پوڄا ڪندڙ (ڏ) مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ "خُدا پرست، بت پرست وغيره".
– **پَرَسْتارُ** ج **پَرَسْتارَ:** صفت. پوڄيندڙ – پوڄاري. عاشق. نوڪر – غلام – بانهو. خدمتگار. فدائي – شيدائي. مُريد – طالب – چيلو.
– **پَرَسْتش:** ث. پوڄا – بندگي – عبادت. عجز – انڪساري – نوڙت. تعظيم ۽ عزت ڏيڻ جو خاص طريقو.
• **پَرَسْتانُ** ج **پَرَسْتانَ:** ڏ. [فـ. پري + أستان =جاءِ] پَرين جي رهڻ جو ماڳ. سهڻين عورتن جو ميڙ. خوبصورت شهر. راڄا اندر جو آڪاڙو. (جتي حَسين زالون گهڻيون هجن.
• **پَرَسْتانو** ج **پَرَسْتانا:** ڏ. پرستان.
• **پُرَسْتانُ** ج **پُرَسْتانَ:** ڏ. [سن. پُرَسْتانَ.] مسافريءَ تي وڃڻ جي حالت. مسافري جي پهرين منزل. پرايو گهر. ٻين جي ملڪيت.
• **پَرَسْتانُو** ج **پَرَسْتانا:** ڏ. مسافريءَ تي وڃڻ کان اڳ بدسوڻ يا نحوست جي اثر تارڻ لاءِ ڪنهن نيڪ ساعت تي مسافري واري رستي تي اُڇلايل ڪا شيءِ.
– **پَرَسْتانُ ڪرڻ:** مسافريءَ تي وڃڻ جو سُڱن ڪرڻ. جاءِ مٿائڻ. مسافري ڪرڻ. پرائي ملڪ ۾ وڃڻ.
• **پرسِڀَرڻ:** ڏ. ڏوهه جي معافيءَ عوض پريل ڏنڊ – ڪارو. مصيبت کي تارڻ لاءِ ڪَفارو. مڃتا – باس – سُڪا.
• **پُرسِدِ:** صفت. [سن. پُرْسِدّ] مشهور – نالي وارو – نامياروـ پڌرو.
• **پُرسِدّي:** ث. مشهوري – ساک.
• **پُرْسَشُ:** ث. [فـ. پُرسيدن = پڇڻ] پڇا – پڇا ڳاڇا. جواب طلبي – خبر گيري.
– **پُرْسَشُ ڪرڻ:** حال احوال وٺڻ – خبر گيري ڪرڻ.
• **پُرْسَنُ، پُرْسَنَ:** ڏ. صفت. [سن. پُرَسَنَ] تازو توانو – تندرست. خوش – سرهو – آباد.
– **پُرسَنْتا، پُرسَنْتائِي:** ث. خوش. چڱپلائي – تندرستي – تازو توانو رهڻ واري حالت.
• **پُرسو:** [فـ. پُرسن < پرسيدن = پڇڻ] فوتيءَ تي هٿ فاتح. عذرخواهي. پرچائي. ماتم پرسي جي رسم.
• **پُرسِوِڻُ (ث):** مصدر. آلي ڪاني کي سيڪ ڏيئي ورُ ڪڍڻ. سنڀين ڪرڻ.
• **پُرْسِيان:** ڏ. [فـ. پُرْسِيَاوَشان] بوتي جو هڪ قسم. (دوا طور ڪم اچي).
• **پُرْسِيْنُ، پُرْسِيڻُ (ڪ):** ڏ. جانورن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ جانورن کي سِنگهه گهٽي ٽٽي. خصوصاً ٻڪري. رڍ ۽ گهوڙي کي).
• **پُرْشُ** ج **پُرْشَ:** ڏ. [پرا. پُرِس؛ سن. پُرَش] آدمي – ماڻهو – مرد – مڙس – پرس.
• **پُرْشادُ** ج **پُرْشادَ:** ڏ. ديوتائن تي چاڙهيل نذر – تَبرڪ اُستاد يا مرشد جي اوير. ڪاڏو – طعام. ڏسو "پرساد".
• **پُرْشارتھ:** ڏ. نَصَبُ العين. [سن. پُرَشارْتھ. < پُرَش = ماڻهو + اَرْتھ = مطلب] انسان جو مقصد.
• **پُرْشِنُ:** ڏ. [سن. پَرَشْنُ] سُڱن يا (قسمت متعلق برهمڻ کان پڇيل) سوال.
– **پُرْشنُ اُتَرُ:** ڏ. سوال جواب.
• **پُرْشوتَمَ:** ڏ. [سن. پُرَشوتّمْ < پُرَشْ = ماڻهو + اُتّم = وڏو = وڏي شخصيت] وشنو اوتار جو هڪ نالو. سنبت سال ۾ ڪُنديل وڏيڪ هڪ مهينو. اَڌڪ – لُنڊ.
• **پُرْڪُ** ج **پُرْڪُونِ:** ث. عاج يا ڪاڻيءَ جي ڳڻ ۾ سنهي سوراخ ڪرڻ جي سُئي. تمام ٿورڙي شيءِ.
• **پُرْڪَ:** ث. ڏرو – ٿورو. چوپائي مال کي تِيڪ جو مرض.
– **پُرْڪَ پُرْڪَ:** ث. ڏرو ڏرو.
• **پُرْڪارَ** ج **پُرْڪارُونْ:** ث. [فـ. پرگار] جاميٽري ۾ گول ڪيڻ جو هڪ اوزار. پلڪار.
• **پُرڪارُ** ج **پُرْڪارَ:** ڏ. [سن. پُرَڪار < پَرَ = گهٽو + ڪُرْ = ڪرڻ] تمرنو – دستور – ڍنگ – طرز – افعال – ارڪان. لڇڻ – ڪم – عادتون – فعل.
• **پَرْ ڪارُ:** صفت. [ف] جسم ۾ ماده وارو – ٿلهو – متارو. سڊيو – تيار. هوشيار – وڏو ڄالاڪ – عيّار.
• **پُرْڪاس:** ڏ. [سن] ڏسو پَرڪاش.
• **پُرْڪاسِي** ج **پُرْڪاسي:** صفت. ڏسو "پرڪاشي".
• **پُرْڪالو** ج **پُرْڪالا:** ڏ. [فـ. پرکال = ڪپڙي جو ٽڪر] ٽڪرو – حصو. ڇِتي. (ڪپڙي جي).
• **پُرْڪاڻِ:** اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **پُرْڪِرْتِي:** ث. [سن. پُرْڪِرْت = عادت] ڪائنات يا دنيا کي وجود ڏيندڙ مادو. قدرت. فطرت جو قاعدو. مادي علت – سرشت – خمير. اصليت. سُڀاءُ.
• **پُرْڪِرْما:** ڏ. [سن. پَرِڪْرَما] جوڌاري ڦرڻ جي حالت (پاڪ جاءِ. مندر وغيره کي) – گول ڇڪر ڪاڻ – طواف. هندڪي رسم موجب

ڪنهن شيءِ جي ٻاهران اهڙيءَ طرح جو ڦيرو جو سڄو پاسو انهيءَ شيءِ ڏانهن رهي. پرڏکا.

• **پرکرڻ**: ڏ. [سن. پَرَکَرڻ] باب – سبق.

• **پرکڻ** (ت): مصدر. پرکَ پرک ڪري ڏسڻ. ولوڙڻ – آهستي آهستي جهلڻ.

• **پرکو ج پرکيا**: ڏ. ڦلڪو – ڦلڪوڪٽو – "ڇلان منجهه نہ ڇاڪ، پران پوٽر پرکٽا" (شاهه).

• **پرکو** (ت): صفت. بي سواد – ڦڪو.

• **پرکوٽي** (ت): مصدر. لالچائڻ – هرکائڻ.

• **پرڪ** ج **پرڪ**: ڏ. [سن. پَرَشْ] پتي – خاوند – مڙس. آدمي – مائهو – پوَش.

• **پرڪا رَڻ**: ڏ. [سن. پَرْشارَڻ. پَرُش = مائهو + آرَڻ = مطلب] نصب العين – غرض – مقصد – مول متو.

– **پرڪارٿ ڪرڻ**: مقصد خاطر جدوجهد ڪرڻ. مڙسي ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ.

• **پرڪنڊ** ج **پرڪنڊ**: ڏ. [سن. پرڪنڊ < پَرَ = ڏاريو + ڪنڊ = ڏيهه] ڏاريو مُلڪ – پرايو. پرانهون مُلڪ – پرڏيهه.

– **پرڪا** ج **پرڪاڻ**: ٿ. پرک – آزمايش. تجربو.

– **پرڪائي**: ٿ. پرکڻ جي اُجرت – ڇڪاس جي اُجرت. پرکڻ جي حالت – آزمايش.

– **پرڪائڻ**: مصدر. 'پرکڻ' مان متعدي بالواسطه. آزمائش ڪرائڻ – جاچرائڻ – تميز ڪرائڻ.

– **پرڪيات**: ڏ. صفت. جاچيندڙ – چڪاسيندڙ. امتحان وٺندڙ.

• **پرڪيڙ** ج **پرڪيڙ** (ڪ): ڏ. ٻيڙيءَ جو هڪ رسو (سڙهه جي ٻُڌين پاسي وارو).

• **پرڳڻ** (ٿ): ڏ. سنهڙين ڪائين جي پور – پورِ ءِ ڪنو – چينيا – پرڪٽ.

• **پرڳڻي پرڳڻو** ج **پرڳڻا**: ڏ. [ف. پرگنہ = ضلعي جو ڪجهه حصو] ملڪ جو هڪ ٻاڪو. صوبو – علاقو – پرانت.

– **پرڳڻا پنائڻ**: هلاڪ ڪرڻ – ڏاڍو رُلائڻ. دربدر ڪرڻ. مُلڪ گهمائڻ. پريشان ڪرڻ.

• **پرڳڻڻ**: مصدر. [سن. پَرِڪَتْ < پَرَ = گهڻو + ڪَتْ = ياسو] ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ. پيدا ٿيڻ. نمودار ٿيڻ. نازل ٿيڻ. اوجتو اڇي ظاهر ٿيڻ.

– **پرڳڻيءُ**: صفت. (پرگهٽيو – پرگهٽبو – پرگهٽيل) پڌرو – آشڪار – مشهور. پيدا. عيان.

– **پرڳڻائڻ**: مصدر. 'پرگهٽڻ' مان فعل متعدي. ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ. نازل ڪرڻ.

– **پرڳهٽ ٿيڻ**: ظاهر ٿيڻ – نظاري جڙهڻ – نمودار ٿيڻ – نمايان ٿيڻ. اوجتو اڇي ڪڙڪڻ.

– **پرڳهٽجڻ**: مصدر. "پرگهٽڻ" مان فعل مجهول ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ. مشهور ٿيڻ. نازل ٿيڻ. مٽان اڇي ڪڙڪڻ.

– **پرڳهوڙ ڪرڻ، لهڻ**: ٻوهه واري ڪرڻ – خبرچار لهڻ – سنيال ڪرڻ – جاچ جوچ ڪرڻ. پرورش ڪرڻ.

• **پرلڪ**: ڏ. سوماطرا جو اترين جوتيءِ واري علاقو جتي ۱۳ صدي عيسويءَ ۾ مسلمانن جي پهرين رياست قائم ٿي. پرلڪ شهر گاديءَ جو هنڌ ۽ واپار جو مرڪز. سنڌ جا وڻجارا، پرلڪ کان ٻه ڏينهن اڳتي واپار لاءِ ويندا هئا.

• **پرلڪان**: پر لڪ شهر ءِ ملڪ کان. "پر لڪان پري ٽٽا، جنهه جا پتار" (ميون شاه عنايت).

• **پرلوڪ**: ڏ. [سن. پرَلوڪ < پَرَ = ٻيو + لوڪ = جهان] ٻيو جهان – آخرت. موت کان پوءِ واري جهان – عالم بالا.

– **پرلوڪ پڌارڻ، سڌارڻ**: ٻئي جهان ڏي وڃڻ. لاڏاڻو ڪرڻ – انتقال ڪرڻ – وفات ڪرڻ – مري وڃڻ.

• **پرلي**: ٿ. [سن. پرلَي < پَرَ = چوڌاري + لِي = ڳُهرڻ] دنيا جو موتي اُصلوڪي حالت ۾ بدلجڻ جي حالت. دنيا جو خاتمو – فنا – قيامت.

• **پرَم**: صفت. [سن] اعليٰ – اُوچو – اُتم – مڪيه. افضل – برتر. مڪمل. بي حد. وڏو. پهريون – اول.

– **پرماتما**: اسم ذات. [سن. پرَم = اعليٰ + آتما = روح] سڀ کان اوڙ ۽ اعليٰ هستي – سڀ کان اُتم. ايشور – پرڀوان.

– **پرمارٿ**: ڏ. [سن. پرم + ارٿ] اُتم خواهش – اعليٰ مقصد. اعليٰ سچائي. صداقت. نيڪي. پلائي – خيراندیشي. فياضي – خيرخواهي.

– **پرمانند**: ڏ. [سن. پَرَمْ + آنند] وڏو سُک – ڪامل فرحت – وڏو آنند – وڏي خوشي. (اسر خاص) هندن ۾ مرد جو نالو.

– **پرم پد**: ڏ. اعليٰ درجو – اُتم منزل. وڏي ۾ وڏي حد.

– **پرم گنت**: ٿ. دائمي سُک – دائمي خوشي – فرحت.

– **پرم گيان**: ڏ. علم معرفت.

• **پرماتو** (ت): ڏ. ڪيڙي جو هڪ قسم.

• **پرمارَ:** اسر خاص، سوين راجپوتن جي هڪ ذات.

• **پرْمارَ ج پرْمار:** ذ. پکيءِ جو هڪ قسم. باز جو هڪ قسم (جو بين پکين کان شڪار کسي کائي). شڪاري باز. (کانيه) قورو ماڻهو. پرايو مال هڙپ ڪندڙ. ٻئي جو ڪنيو کائيندڙ.

• **پرْماڻُ ج پرْماڻُ:** ذ. [پرا. پرِماڻ: سن. پْرَ ماڻ. پْرَ = گهڻو + ما = ماپڻ] ماڻ – ماپ – ماپو. تور – وزن انداز – مقدار. قاعدو – قانون. رسم – رواج. دليل – حجّت. ساک. ثابتي. حوالو. سَنَد. (صفت) درست – صحيح. مُباح – روا. (ذ) ٻيڙيءِ جي هڪ ڪاهيءِ جو نالو (ڪاري جي ٻيڙيءِ جي وڏي سڙهه واري ڪائي، جنهن کي درياءَ جي ٻيڙيءِ ۾ "آڏ" چون).

• **پرْماڻُ، پرماڻو ج پرْماڻ، پرْماڻا:** ذ. [سن. پَرماڻ = ثبوت] آخر وارو ذرڙو (جنهن جا پاڳا ٿي نه سگهن). اڻجهر جي اصطلاح ۾ ڪنهن ٻول جا اُهي پاڳا جي (+ ۽ ـ) واڌو ۽ ڪاتو نشانين سان ڳڏيل هجن. اُٿي جو هڪ حصو – ائٽم (Atom). ذرو – ذرڙو (عنصر جو).

• **پرْمتِ ج پرْمڪون:** ت. [انگ. Permit] اجازت نامو – منظوري – راهداري – پروانو.

• **پرْمِد:** ذ. مصر جا قديم ۽ خروطي منارا – جيڪي دنيا جي هڪ عجائبات ۾ شمار ٿين.

• **پرْمَلَ:** ذ. جانورن جو هڪ قسم.

• **پرْمَلُ ج پرْمَل:** ذ. صفت [سن. پَرِ مَل < پَر = ٻيو + مِلْ = ملڻ] ٻين سان لهه وچڙ ڪرڻ وارو – رلڻو ملڻو – خوش خلق.

• **پرْمَنْ:** ذ. ڪمان جو طوق – ڏاند.

• **پرْميشر:** اسر ذات. [سن. پرميشور] ڏسو "پرميشور".

• **پرْميشورَ:** اسر ذات. [سن. پرْميشْورَ < پَرَمْ = اُتم. اعليٰ + اِيشْوَر = دٽي < اِيشْ = حڪومت ڪرڻ] وشنو اوتار جو هڪ صفاتي نالو – ايشور.

• **پرْميلُ:** ذ. [پرا. پَميهَ. سن. پَرِميهَ < پِتَرَ = جوڌاري. گهڻو + مِهْ = آلو ٿيڻ. ف. پَرِميه] وڇڙندڙ بيماريءِ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيشاب جي جاءِ ۾ اندر قت ٿي پوي). سوزاڪ – آتشڪ.

– **پرْميلي ج پرْميلي:** صفت. پرميل جي مرض وارو – سوزاڪي.

• **پرْنُ:** ث. مصدر. 'پرڻ' مان اسر. سونپڻ – سُپرد ڪرڻ. پارت.

• **پرْنُ:** ذ. صرافن وٽ تور لاءِ خاص وٽ يا تورا.

• **پرْنُ، پرْڻُ ج پرْڻ، پرْڻَ:** ذ. [سن. پڑ] انجام – اقرار – وچن – ٻول – وعدو. قَسم – سُنهن – پرتگيا.

• **پرْنُ ڪرڻ:** وچن ڪرڻ – انجام ڪرڻ – پڪو وعدو ڪرڻ – قسم کڻڻ – پرتگيا ڪرڻ.

• **پرْنارَ ج پرْنارَ (ل):** ذ. ماس جو ٽهر.

– **پرْنارَ جڙهن:** بدن تي ماس وڌڻ. تمام متارو ٿيڻ.

• **پرْنامُ، پرْڻامُ، پرْنامَ، پرْڻامَ:** ذ. [سن. پرِڻام] وڏيءِ عزت سان جهڪي ڪيل سلام – نَمَسْڪار.

• **پرْنانو:** ذ. نانيِ جو پيءُ. پڑنانو.

• **پرِنْد:** ذ. [فـ. پرِنْده جو مخفف] پکي – پرندو.

• **پرِنْدو ج پرِنْدا:** ذ. [فـ. پَرَنده] پکي – طيرَ.

• **پرِنْده:** ذ. [ف] پکي – طيرَ.

• **پرِنڊ ج پرِنڊَ (ت):** ذ. رَسيءِ ڪَڪ.

• **پرِنْسِپال:** ذ. [انگ. Principal] ڪاليج جو سنپالينڊ. اعليٰ تعليمي اداري جو ناظر.

• **پَرَنگ (ل):** صفت. سهڻو – ملوڪ (چوپايو). ڪودو (اس).

• **پرْنڻ:** مصدر. سونپڻ – حوالي ڪرڻ – اريڻ. سفارش ڪرڻ – پارت ڪرڻ. (پرتو – پرتيل).

• **پرِنْهن:** ظرف. سڀاڻي ڪان ٻيو ڏينهن. پَرِينْهن.

– **پرِنْهڪو:** صفت. پرينهڪو.

• **پرْڻ، پرْڻُ ج پرْڻ:** ذ. اُتي يا سنهي اناج چاڙڻ لاءِ لوهي اوزار – چاڻي.

• **پرْڻُ ج پرْڻَ:** قول – وچن. ڏسو "پرِنُ".

• **پَرَنْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي موري ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **پَرَنُ:** مصدر. پنڌ ڪرڻ – هلڻ – ڪاهڻ – وڌڻ – اڳتي هلڻ.

• **پرْڻُ:** مصدر. [سن. اَرپڻ = پيش ڪرڻ] حوالي ڪرڻ – سپرد ڪرڻ – ٻاڻ کي حوالي ڪرڻ. "ترڪو ڪريو تدبير کي، پرڻيو ٻاڻ خدا" (گرهوڙي).

– **پرْڻيجڻ:** مصدر. "پرڻڻ" مان امر پرتو ڪجڻ. "تون پرتين رب کي مون رب پرڻيجاءِ" (عثمان ڪلهوڙو).

– **پرْڻائڻ:** مصدر. 'پرڻڻ' مان فعل متعدي معروف شادي ڪرائڻ – وهاءُ ڪرائڻ. (پرڻايو – پرڻائيندو – پرڻايل).

– **پرْڻجڻ:** مصدر. 'پرڻڻ' مان فعل مجهول. شادي ٿيڻ – وهاءُ ٿيڻ. (پرڻيو – پرڻبو – پرڻيل).

– **پرو ج پرا:** ذ. نِشانُ. ڏَسُ – پتو – اهڃاڻ – پسڻ. "پري پين پرو.

ناڻ ڏيڻون نانهه ۾ "(روحل). دنگ – چيهه – انت – چيڙو. "خالق تنهنجي کائڻ جو پرو پاند نه ڪري". (شاهه). سڏ – خبر. "پرو پيڙهه پاڻ، مون پيٽرڙي. منهنجو ٻول ٻڌو" (سچل). هوا ۾ اڏامڻ وقت پکين جي قطار – ولر – ارو (ٽانگي جي ڦيٽي جو). بنا اجوري مال کي پاڻي پياريڻ (ٺ).

– **پرو ٻڌڻ**: پکين جو قطار ڪري اڏامڻ. حلقو يا گول چڪر ناهڻ.

– **پرو پاڏ**: ذ. حد حساب. منڊي ۾ چيڙو. حد چيڙو – دنگ.

– **پرو جهلڻ، ڪڍڻ** (ٺ): شڪار جي اصطلاح ۾ آواز ڪري. تترن کي جهنگ مان اڀارڻ. ساٿو ڪندي قطار ۾ هلڻ.

• **پُرو (ڪ)**: ذ. اٽ جو هڪ رنگ (نه ساٿو نه ڳاڙهو پر وچٿرو).

• **پرُوار**: ذ. [سن. پَريوار] خاندان – قبيلو – ڪٽنب – عيال. مٽي مائٽي. دوست يار. دستور. هلي چلي (صفت). پڌرو – ظاهر.

• **پرُواز**: ذ. [ف] اڏامڻ جي حالت – اڏامڪ – اڏاري. (فاعل) اڏامندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪر ايندڙ لفظ "بلند پرواز وغيره".

– **پرُواز ڪرڻ**: اڏامڻ. نڪري وڃڻ (ساهه). ڏوڙڻ (خيال).

• **پرواس (ٺ)**: ڪِرَڻ – وڃ. چمڪات (وڃ جو).

• **پرُوان، پرُواڻ**: ذ. صفت. [سن. پَرِماڻ] مڃڻ جوگو – قبول ڪرڻ جهڙو. قبول. وٺندڙ. ڪامياب.

• **پرُوانگي**: ث. [ف] اجازت – موڪل – اِذنَ. لکيل منظوري – اجازت نامو. راهداري.

• **پرُوانو ج پرُوانا**: ذ. [ف. پَروانَ] لکيل حڪم – اجازت نامو. منظوري – اجازت. سنڈ. راهداري. بندوق وغيره جو ليسن. حڪم – فرمان. جيت جو هڪ قسم (جو روشني، جهڙوڪ بتي وغيره جي چوڌاري اڏامي اڏامي آخر وڃي ان ۾ پوندو). پتنگ. (مجازاً) عاشق.

• **پروانه**: [ف] ڏسو "پروانو".

• **پرُواهه**: ث. [ف. پَرْواه] خواهش – چاهه. ضرورت – ڪاڻ ۽ گهرج – حاجت – غرض. ڳڻتي – فڪر – خيال. خوف – ڊپ – ڊاءُ. "بي پرواه".

• **پرُواهه**: ذ. [سن. پَرْواهْ] وهڪرو – وهڪ. درياءَ – ندي. چال – هلت.

• **پرُواهڪ**: ذ. صفت. وهائيندڙ (پاڻي). هلائيندڙ (ڪارويار).

• **پرُوٽ ج پرُوٽ (لس)**: ذ. [سن. پَرُوَت] پربت – وڏي آفت. جبل. اَنه.

• **پروٽجڻ**: فعل مجهول. ڏکوئجڻ – غمگين ٿيڻ. اداس ٿيڻ. دلگير ٿيڻ. (پروٽيو – پروٽبو – پروٽيل).

• **پرُونو ج پرُونا**: ذ. صفت. پهلوان – بهادر.

• **پروپگنڈا**: ث. [انگ. Propaganda] پرچار – ڦهلاءُ.

• **پروپوزل**: ذ. [انگ. Proposal] رٽ – تجويز – نهراءُ.

• **پروٽن**: ذ. [سن. پَريو جَنُ < پرَ = گهڻو + يَجْ = ملائڻ] مراد – مقصد. لاڳاپو – واسطو – تعلق.

• **پروڙهڻ، پرُوجهڻ**: مصدر. ڏسو "پرُجهڻ".

• **پرُوڙ ج پرُوڙَ**: صفت. [ف. پَروڙ < مصدر. پَروڙڏڻ = پالڻ] پالڻ وارو – پالڻهار – پالينڊ. مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪر ايندڙ "بنده پرور. غريب پرور وغيره." (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **پرُوڙڊِ گار**: صفت. پالڻهار. پالينڊ. مالڪ خدا تعاليٰ.

– **پرُوڙَهَ**: صفت. پالي – نپايل.

– **پرُورش**: ث. پالنا. تربيت.

– **پرُوري**: ث. صفت. پالنا. نوازش. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪر ايندڙ "بنده پروري" وغيره.

• **پرُوڙتا**: ث. [سن. پُرُوڙت] وهنوار – مشغولي.

• **پرُوڙتي**: ث. سُڌاءُ. ڏنگ. لاڙو – رغبت. ڏسو "پرورتا".

• **پرُوڙ**: ث. اسم خاص. ساماري ۽ تندي باگي تعلقي ۾ ديهه جو نالو.

• **پروڙ (ٺ)**: ث. مَعْزَز ٿڪن جي حويلي يا جاءِ.

• **پرُوڙ**: ث. جاڙ – سمجهه – پرک. پچاڻ. سڃاڻپ.

• **پروڙ ٻوڙ**: خبر ٻوڙ – جاڙ ٻوڙ. پتو ٻوڙ. سمجهه ۾ اچڻ.

• **پرُوڙڻ**: مصدر. سمجهڻ – جاڻڻ. پرُجهڻ. سڃاڻڻ. برکڻ. (پروڙيو – پروڙيندو – پروڙيل).

• **پروڙي**: ث. گاهه جو هڪ قسم (سنڈن وٽ سنهڙا پن، جي اٽ ۽ ٻڪرين ڪائين ۽ سنهڙا دانا ٿين جي جهرڪيون ڪائين. انهيءَ ڪري ڪيس جونئي "چڙين جا ڪيڻ").

• **پروسڻ**: مصدر. وڌائڻ (ماني) – پاڻڻ (ٽالهين ۾) ورهائڻ (طعام). ڪارائڻ (ڪاڏو) (پروسيو – پروسيندو – پروسيل).

• **پرُوف ج پرُوفَ**: ذ. [انگ. Proof] ثابتي – شاهدي. پهرين دفعو ڇپيل مسودو. ڪجو ڇپيل ورق يا پنو.

• **پروفيسر ج پروفيسرَ**: ذ. [انگ. Professor] ڪاليج جو استاد. ڪنهن مضمون جو ماهر استاد.

• **پروڪ ج پروڪا**: ظرف. [سن. پَرَت] پَرُ وارو – گذريل سال وارو.

• **پروڪَڻ (ٺ)**: مصدر. هندن ۾ شاديءَ جي هڪ رسم موجب ڏونري مان آگريون ٻوڙي گهوٽ جي نراڙ تي هڻڻ.

• **پروگرامَ ج پروگرامَ**: ذ. [انگ. Programme] سٽاءُ – ترتيب. رٿا – تجويز. ڪر ڪرڻ جو نمونو. طرز عمل. ڪر جو مقرر ڪيل وقت.

• **پروڙ ج پروڙ**: ذ. صفت. تيز – چالاڪ.

• **پرولي ج پرولِيُون:** ث. [سن. پُرَ هيلكا] گجهارت – بُجهارت. ڪنهن چيز بابت لفظن ۾ لڪل اهجاڻ.

– **پرولي ڇڻ:** گُجهي ڳالهه سمجهڻ. مطلب سهي ڪرڻ. منجهيل ڳالهه کي سُلجهائڻ. پيد معلوم ڪرڻ.

• **پروموشن:** ذ. [انگ. Promotion] اضافو – ترقي – واڌارو.

• **پروُن:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪر ايندڙ لفظ. نشانيون – آثار – اهجاڻ.

• **پروُن ٻوڙ:** نشانين مان محسوس ٿيڻ. اهجاڻ لڳڻ. سوڻن مان سهي ڪرڻ.

• **پروُنڊِڙي، پروُنڊِٽِي (ث):** ث. [ڏانڪي] مڪڙيءَ کي (نيٽي) سان قابو ڪرڻ لاءِ رَسي.

• **پَرَوڙ ج پَرَوڙَ:** ذ. اني وغيره چاڙڻ لاءِ چاٽي – پَرڙ – ڳيچڙ.

• **پَرُوڙ ٿي وڃڻ:** ڳري ٽَنگَ ٽَنگَ ٿي وڃڻ. سخت زخمي ٿيڻ. (تيرن، گولين سان).

• **پَروڙي ج پَروڙِيُون (ل):** ث. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (اُهو نَٽ جنهن تي لوهه رکي سُنبي سان سَلَ ڪيڇي).

• **پروهتَ (ث):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پروهتَ ج پروهتَ:** ذ. [سن. پُروهِت، پُرَس = اڳ ۾ + هِتْ = ڏرمي ڪمن ۾ اڳ ۾] ڪنهن ڪتنب جو مقرر ڪيل ٻاڻو (جو انهيءَ ڪتنب جا سڀئي ڏڻ وارڻ ساڻ سَڳَن پورا ڪرائي) – ڪُل گُرو. خانداني برهمڻ.

• **پروِيڙا (ث):** ث. اڳڙ جي اڳيان زمين جو ٽڪر (جو ڊور ڏِڳي پَڏڻ يا شاديءَ مرادي جي رڌ بجاءِ لاءِ ڪر اڇي).

• **پَروِيَنَ پَروِيُش:** ث. رسم رواج – ريت – رَوش. هلي چلي.

• **پَروِيز:** اسم خاص. [ف] شاه ايران خسروثانيءَ جو لقب (جيڪو هرمز ابن نوشيروان جو پٽ ۽ مَلَڪ شيرين جو مڙس هو). (صفت) سوياڳو – سياڳو. قيمتي.

• **پرويس:** ذ. دخول – واسو.

• **پَرُويش:** ذ. [سن. پُرويش < پُرَ = گهڙو. وِش = اندر پيهڻ] لنگهه – دروازو. اجازت – چوٽ ـ موڪل.

• **پرويشي:** ث. [ف. پرورش] پالنا – پرورش – خبر گيري. مهرباني – پلائي.

• **پَرُوِيْن:** ذ. [ف] ستن تارن جو ميڙ – ڪَتي – ثريا. جهمرڪو (هندي). چند جي ٽئين منزل.

• **پرِهہ:** ث. [سن. پُورْوِيدُيش] پرڀات – باڪ ڦٽي. فجر.

– **پرِهہ پياڪ:** ذ. صفت. صبح جو سوير نٽي پيئڻ جو هيراڪ. سوير ماني کائڻ جو هيراڪ. آسودو – خوشحال – عيّاش.

– **پرِهہ ڦُٽَڻ:** باڪ ڦَٽَڻ – صبح صادق ٿيڻ. صبح ٿيڻ – ڏينهن ٿيڻ.

– **پرِهہ ڦُٽي:** ث. باڪ ڦٽي – پرڀات – صبح صادق – ڏِڪي – فجر.

– **پرهوڙَ (ث):** ث. پرِهہ. پرڀات – باڪ.

– **پرهوڙيو تارو:** ذ. وهائو تارو.

• **پُرِهہ ج پُرِهَ:** ذ. [سن. پُرُش. مرد] ماڻهو جي قد جيتري ماپ – آدم قد. ڪُلهن جي سنوت ۾ بيهاريل ٻانهن جي ماپ (هڪ هٿ کان ٻئي هٿ تائين. جا گهٽو ڪري انهيءَ ماڻهوءَ جي قد جيتري ٿئي ۽ عام طرح پنجن فوٽن جي ماپ ٿئي. هيءَ ماپ اڪثر پاڻيءَ يا ڪوهه ماپڻ جي ڪم اچي). سمند جي پاڻي ڇڻڻ لاءِ وام (ڪ).

– **پُرهاڙو (ڪ):** ذ. مُڙسالو – مرد ماڻهو.

• **پُرهار (ث):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پُرهماڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پَرهڻ:** مصدر. [پرا. پَرهانْ؛ سن. پَرِ ڏان پَرِ = چوڌاري + ڏا = پائڻ] پهرڻ – ڍڪڻ – پائڻ – اوڍڻ. (ڪپڙا، پوشاڪ).

– **پَرهاڻي ج پَرهاڻِيُون:** ث. ڪپڙو پهرائڻ جي هڪ رسم. مائٽي ڪرڻ بعد ڪنوارين طرفان گهرنيتن کي ڪپڙي پهرائڻ جي رسم (ث). اوڍاڻي. پوشاڪ – خلعت – وڳو.

– **پَرهاڻڻ:** مصدر. 'پرهڻ' مان فعل متعدي پهرائڻ – ڍڪائڻ – پارائڻ (ڪپڙا) اوڍائڻ. (پوشاڪ).

• **پَرَهڻ ج پَرَهڻَ:** ذ. پَهَرڻ جو ڪپڙو. پهرياڻ – ڪپڙو. پوشاڪ – وڳو. "ڪَٽي پَراڻي ڪيسري، پَرهڻ پراڻا" (هارون).

– **پَرهيائي (ث):** ث. هندن جي هڪ رسم. گهوٽ ۽ سندس اهنر کي ڪنواريتن جي طرف کان مليل پٽڪو ۽ چادر.

• **پرهولي ج پرهولِيُون:** ث. پرولي.

• **پرهيار، پرهياڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پرهياركي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پَرهيزَ:** ث. [ف] منع ڪيل شيءِ کان بچاءَ. بيماريءَ ۾ نقصانڪار شيءِ کان پاسو. حفاظت. ڪِري – جُڳَت ـ رکَ. سنيال – احتياط – حذر. تقويٰ – زهد.

– **پرهيز گار:** صفت. پرهيز وارو – ڪِريءَ وارو – ڪِريائتو ـ جُڳتي – منع ڪيل شين کان دور رهڻ وارو – ڍڪ وارو (نافرماني کان). پاڻ ڀلو. بدعت کان پاسي. مُتّقي.

– **پرهيزگاري:** ث. ڪِري – رَکَ – پرهيز. تقويٰ. نافرماني، جو ڊپ يا خوف.

– **پُرهيزي:** ث. ڪِري – رَکَ. سنيال. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ

لفظ "بد پرهيزي".

• **پري:** ظرف. [سن. پُرَ] ڏور – ڏور – ڏورانهون – مفاصلي تي. اڳتي. ڇڏيو – وٺيرڪو.

– **پرِيان:** ظرف. ٻوروپريرو. پري کان – دور کان.

– **پريڇو:** ذ. صفت. برائو ماڻهو – ڏاريو. اجنبي. پرديسي – پرڏيهي.

– **پري رهڻ:** ڏور رهڻ – دور گذارڻ. پرهيز ڪرڻ – ڪِري ڪرڻ. پاسو ڪرڻ – پاڻ بچائڻ.

– **پريون:** ظرف. پري وارو – پرانهون. پرپرو – ٻوروپري. هُن پرجو.

• **پري ۾ پَرِيُون:** ث. [ف] هڪ خيالي عورت (جنهن متعلق جيو ويندو آهي ته ان کي ڪنڀ ٽين جن سان هوءَ آدامي سگهي ٿي. تمام خوبصورت عورت جيڪا لوڪ ڪهاڻين ۾ هڪ ڪردار طور اڃي ٿي). اَپچَرا – اَپسرا. خوبصورت – حُورَ – سهڻي – حسين (صفت) مڇيءَ جو هڪ قسم. (چلرن سان. رنگ ڪارو. وڏا پک. قد اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ تائين).

• **پرياڻي ۾ پرياڻيوٽن:** ث. پري – ايچرا. پريزادي.

– **پَرِيُ پينڪڙ:** صفت. پري جهڙي – پري جي شڪل جهڙي خوصبورت – سهڻي.

– **پَرِي جَمالُ:** صفت. پريءَ جي سونهن واري. سُهڻي – حسين. خوبصورت.

– **پَرِي چَهْرُه:** صفت. جنهن جو منهن پَريءَ جي منهن جهڙو هجي. نهايت حسين.

– **پَرِي زادوڄ پري زادا:** ذ. صفت. پري جو ڄڻڙو. نهايت حسين. پري زادي ۾ پَرِيُ زادِيُون.

– **پَرِي وَشْ:** صفت. پريءَ جهڙو.

– **پَرِيڙِي:** ث. 'پَرِي' جو تصغير. محبوبڙي.

• **پِرِيُ:** صفت. [سن. پْرِيَہ] پياروـ پرين – دوست – يار.

– **پرياڻو:** ذ. پيار – قرب. عشق. دوستي. گڏجاڻي. (صفت) پريت وارو – سڪ وارو.

• **پُري (ث):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پُري:** ث. [ف] پورڻ يا ڦورڪرڻ جي حالت. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "شڪم پُري. خانہ پُري".

• **پُرِي ۾ پُرِيُون:** ث. [سن. پُرِي] شهر. بستي. ڳوٺ.

• **پُڙيا:** ذ. [سن. پريو ۾ پريا] هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. اڇا واڙ. (اسم خاص) ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **پُڙيا اَڇَن:** ذ. وار اڇا ٽيڻ. مٿي ۾ اڇا پوڻ. پوڙهو ٽيڻ.

– **پريا پڌرا ڪرڻ:** عيب ظاهر ڪرڻ. راز کولڻ. سڀ عيب ثواب ڏيڻ.

– **پريا پوڻ:** وار اڇا ٽيڻ لڳڻ – پوڙهو ٽيڻ. وڏيءَ عمر وارو ٽيڻ.

– **پريا ڏُوڙڻ، ڏوڙڻ:** افعال ظاهر ڪرڻ. ٻيريءَ ۾ ڪم ڪرڻ. ٻيريءَ ۾ جواني وارا ڪم ڪرڻ.

– **پُڙياڻو:** ذ. صفت. پوڙهيءَ وارو. وڏيڻ جو – ٻيريءَ جو.

• **پُڙيا لو:** اسم خاص. [سن. پُرِيَہ + لوڪ] تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهہ ۽ شهر جو نالو (جتي سنڌ جي هڪ وڏي ولي ۽ عالم مخدوم اسماعيل جي مزار آهي).

• **پِرِيان (ت):** ذ. زور – طاقت – همت. مستي.

– **پِرِيان پُڄي وڃڻ:** زور چڏي وڃڻ – مستي ڏري ٽيڻ.

• **پِرِيانُ ۾ پِرِيانَ:** ذ. [سن. پِرِيان < پُرَ = اڳتي + يا = وڃڻ] پهٔ – رٽ – ارادو. "ببي خديجه خواب ۾ پروڙيس پرياڻ" (گل حسن شا). ويچار – خيال. نصيحت. انجام – ٻانڍاڻ. "سُڪ جو سيد چئي پڇي نہ پرياڻ. (شاهہ). نشان – اهڃاڻ. "تني جا پرياڻ. پنهون جام پروڙيا" (زئي).

• **پِرِياڻو:** ذ. پِرِيانُ.

• **پِرِياڻڻ:** مصدر. [سن. پْرِجْيانَ] صلاح ڪرڻ. ڳالهہ ڳڻڻ. حال اورڻ. اهڃاڻ سهي ڪرڻ (پرياڻيو – پرياڻيندو – پرياڻيل).

• **پِرياءُ:** ذ. [سن. پرِيايَہ < پَرِ = جوڌاري + اِنْ = وڃڻ] پهہ – ويچار – خيال – ارادو – رٽا. پاڇو – پَرتو. ريت. پرڪار. دستور. ڏسو "پرياڻ".

• **پُڙياڻڻ:** مصدر. پوڙهو ٽيڻ – ٻڍو ٽيڻ. وار اڇا ٽيڻ – اَڇا پوڻ.

– **پِرِياڻتو ۾ پِرِياڻتا:** ذ. صفت. پوڙهو – ڪُراڙو – اَڇن وارن وارو. پوڙهن وانگر.

– **پُڙياڻي:** ث. ٻيري – ٻڍاپڻ – ڪُراڙپ.

• **پِرِيٽ:** ث. [سن. پْرِيت < پُرِي = پيار ڪرڻ] محبت – پيار – قرب. نينهن – پريم. عشق. دوستي – ياراني. ٻڌي – اتفاق.

– **پِرِيٽَمُ:** ذ. صفت. [سن. پْرِ يَتَم < پْرِيَہ = پياروـ تَمْ] نهايت پياروـ دل گهريو. پياروـ پرين – محبوب – دلدار. مڙس – پتي. دوست – يار.

– **پِرِيٽَڻو ۾ پِرِيٽَڻا:** ذ. [سن. پْرِيتَوَن] پريت – پيار – محبت. عشق. ياراتي. "پر اها پاڙي. پورو ڪ پريتڻو" (خان زئي).

– **پِرِيٽَوانُ ۾ پِرِيٽَوانَ:** ذ. صفت. محبت ڪندڙ – دل وارو. دوست – يار – سنگتي.

– **پِرِيٽَ ۾ پِرِيٽ:** (سن. پْرِيْت) مري ويل ماڻهوءَ جو روح. پُوت – ڏينارو – غيبات جن.

• **پَرِيتَ ۾ پَرِيتْ:** ذ. [سن. پَرِ = جوڌاري + آتْ = گهمڻ] ڏوبي – ڪتي. "پريتن جي پاڙي. جاڙ گذاريم جيڏيون" (شاهہ).

• **پريڇ:** ٿ. فقير ڏانهن موڪليل ڪاڏي جي ٽالهي.

• **پريڇا:** ٿ. [سن. پَرِيكْشا] قسمت ٻڌائڻ جو طريقو يا ڊنگ – فال. چڪاس – جاچ. پرک – آزمايش. ڏسو "پرک".

• **پريڊ ج پريڈون:** ٿ. [انگ. Parade] فوجي سڪيا – قواعد.

• **پريڙ:** مصدر. [سن. پْرِيَرْڊ] زور رکڻ – مجبور ڪرڻ. ليلائڻ – منٽون ڪرڻ. تاڪيد ڪرڻ.

– **پريڙا:** ٿ. زور – مجبوري.

• **پريزيڈنٽ:** ڏ. [انگ. President] ڪنهن جماعت جو مُک – صدر. حڪومت جو اڳواڻ.

• **پريس ج پريسُون:** ٿ. [انگ. Press] ڇاپڻ جي مشين – ڇاپ خانو. زور – داب.

• **پريشانَ، پريشان:** ظرف. [ف. پريشان] پڙوڇڙ – تڙيل پکڙيل – بي ترتيب. صفت. حيران – فڪرمند – گهبرايل – منجهيل.

– **پريشان حال:** صفت. تنگ حال – محتاج – مفلس – مصيبت زده.

– **پريشان حالي:** ٿ. تنگ حالي – مفلسي. حيراني – اِنتشار.

– **پريشان خاطِرَ:** صفت. فڪرمند – اُداس – مايوس.

– **پريشاني ج پريشانيون:** ڏ. حيراني – گهبراهٽ – بي آرامي – تڪليف. مصيبت – اِنتشار.

• **پريڪيا:** ٿ. [سن. پَرِيكْشا] آزمايش – امتحان. اڳڪٿي – پيشنگوئي.

• **پريمَ:** ڏ. [سن. پْريمْ] پيار – قرب – الفت – پريت – محبت. دوستي. حُب – سڪ ـ مهرباني – ڪرمَ – اخلاص. اتحاد.

– **پريم پِڪَتَ:** ڏ. صفت. محبت جو پوجاري – عاشق.

– **پريمي ج پريمِي:** ڏ. صفت. پريم وارو – محبتي – پريتوان – عاشق. چاهيندڙ – شائق. محبوب.

• **پرِينْ:** ظرف. پرانهين – پري واري – هُوءَ.

– **پرِينْ پَرِ:** ٿ. هُن پار – ٻئي پَر (درياه جي). پار – پراڙ.

• **پرِينْ ج پرِينْ:** صفت. [برا. پِرِيَ. سن. پرِيَ] پيارو – پريمي – محبوب – معشوق – دلبر – يارَ – دل گهريو.

• **پرِين ڪجارو ٽيڻ (ت):** دوستن وٽ لڄي ٽيڻ. شرمسار ٽيڻ. مياري ٽيڻ.

• **پريندي:** ظرف. پريان ئي – شروع کان ئي – ڏريان ئي "پريندي پاڻ ويو. زلف ڪيس زاف" (شاهه).

• **پرِينْهَنْ، پرِيهَنْ:** ظرف. سياڻي کان پوءِ وارو ڏينهن.

• **پريو:** ڏ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (خوشبودار ٽئي ۽ دوا طور ڪم اچي). (اسم خاص) ماڻهو جو نالو.

• **پُريو پانڙي:** ٿ. خوشبودار ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **پرِيو ج پرِيا:** ڏ. اڇو وار (هي لفظ واحد طور ڪم نه ايندو آهي. ڏسو "پريا".) (صفت) پريو مڙس اُڇن وارن وارو – پوڙهو – ٻيو – پيرسن (ڏ) جيت جو هڪ قسم (جو ڪاٽ کي ڪائي ڪمزور ۽ ڪچو ڪري ڇڏي).

– **پرِيو مُڙسُ ج پرِيا مُڙسَ:** ڏ. وڏيءَ عمر وارو ماڻهو. پوڙهو ماڻهو – چگو مڙس – راڄ جو سڪر ماڻهو.

• **پرِيو جَنْ:** ڏ. [سن. پْرِيو جَنْ < پْر = گهٽو + يْجْ = ملائڻ] مراد – مطلب – ارٿ – مقصد – غرض.

• **پرِيوگَ ج پريوگ:** ڏ. [سن. پْرَيوگ] ميلاپ. صورت. علم نحو موجب فعل جي اها تقسيم جنهن مان خبر پوي ته فعل. فاعل سان ٿو متجي يا مفعول سان يا ڪنهن سان نه. جيڪڏهن فعل فاعل سان متجي ته "ڪَرْتَرِي پريوگ" چئبو. جيڪڏهن مفعول سان متجي ته "ڪَرْمڻِي پريوگ" ۽ جيڪڏهن نه فاعل سان ۽ نه مفعول سان ته "ياوِي پريوگ" سڏبو.

• **پڑ، پڑ:** ٿ. وَس – زور – قبضو. حاصلات. جوابداري – ذميداري. اعتبار – وساط. "اَڑَ، لَڑَ" سان گڏ ڪم ايندڙ مهمل ۽ تابع لفظ "اڑ پڑ. لَڑِيرَ = وهنوار."

– **پڑ پوڻ:** هٿ اچڻ – حاصل ٿيڻ – پڙپڻ.

– **پڑ ڪڍڻ:** بار ڪڍڻ – ڏمو ڪڍڻ. "هجي جو حال ۽ حيران پنهنجي. ڪٿي ڪيئن پاڻ ڏاڙان ٻڌي سندي پڑ" (قاسم).

– **پڑ:** صفت. [سن. پَرَ = پرانهون. پويون. وڏو. هي لفظ فقط عزازت ڏيڪارينڈ لفظن جي اڳيان ڪم اچي. پڑڏاڏو. پڑنانو وغيره.

• **پڑ ج پڑ:** ڏ. [سن. پَٽَ] چادر يا ڪپڙو جو ڪنهن قبر مٿان وڇهجي. غلاف – پردو. سنهون پردو جنهن ۾ ماڻ. پيتان بارَ ويڙهجي نڪري.

– **پڑ باسڻ:** اميد پوري ٽيڻ لاءِ ڪنهن قبر تي پڑ چاڙهڻ جي نيت ڪرڻ. پڑ چاڙهڻ جي باس باسڻ.

– **پڑ چاڙهڻ:** اميد پوري ٽيڻ تي اعتقاد واري بزرگ جي قبر تي غلاف چاڙهڻ. (اها رسم گهڻائي وڃائي ادا ڪندا آهن).

• **پڑَ ج پڑ:** ڏ. [سن. پَٽَ – گول ٽڪر] ميدان. وڏو ميدان. گولائي ۾ زمين جو ٽڪر (جو ملاکڙي. تماشي. راندين وغيره ۾ استعمال ڪيو وڃي). اُهو هنڌ جتي انگاس ڪَٽل هجي ۽ عاشورن ۾ ماتر ڪيو وڃي. (حيئن حيدرآباد شهر ۾ فقير جو پڑ. وادن جو پڑ. ڪورين جو پڑ وغيره). مڪان. اوتارو. عاشورن ۾ ماتمين جو جلوس (جن سان سينگاريل گهوڙو. سيج. تابوت وغيره هجي). جند جو حلقو – هالو.

– **پڑ اٽلائڻ:** ڏاند جي وهڻ ڪري پڑ ۾ ٽيل ڪڍ ڪي سنئون ڪرڻ.

– **پڑائي ج پڑائي:** ذ. صفت. عاشورن ۾ پڑ ڪندڙ. پڑَ (امام بارگاه) جو سنپالينڊڙ.

– **پڑ ٻڌڻ:** ملاکڙي جي ميدان جي چوڌاري بيهي وڃڻ. جنڊ جي چوڌاري غبار يا روشني سبب دائرو ٺهڻ. هرلي جي تڙ جي پاسن کان دنريءَ تي ڪاڪ رکي مٽان مٿي وڌهي وهت جي وهڻ لاءِ جاءِ ٺاهڻ.

– **پڑ پاڪ ڪرڻ:** ميدان صاف ڪرڻ. ڪک ۽ ڙ ڇڏڻ.

– **پڑ پالهو ڪرڻ:** ميدان نلهو ڪرڻ. هڙئي جت ڪرڻ. ساري رقم خرچ ڪري ڇڏڻ – گهر جا ياتي ڪيڏي ڇڏڻ.

– **پڑ پائڻ:** تکڙو تکڙو گول ڦرڻ.

– **پڑ پڌرو ڪرڻ:** راز کولڻ. اصل ڳالهه ظاهر ڪرڻ.

– **پڑ جو سڪ هڻڻ:** رهڻ جي سهولت هڻڻ.

– **پڑ ڏيڻ (ت):** تکو پنڊ ڪرائڻ – ڏوڙائڻ (وهت کي).

– **پڑ ڪڍي بيهڻ:** صفا انڪار ڪرڻ – نابري واري بيهڻ. ضد ڪري بيهڻ. ڪپ ڪوڙي بيهي رهڻ.

– **پڑ ڪرڻ:** (پڑ پڌڻ) فيصلي واري رقم مقرر ڪرڻ. پائيواريءَ جي شيءِ جو اڳه ٺهرائي پائيوار کي مڪيار ڇڏڻ (يا ته اڏ قيمت ڏيئي مال کڻي وڃي، يا اڏ قيمت وٺي مال ڇڏي وڃي).

– **پڑ ڪٽڻ:** ميدان مارڻ – سوپ ڪرڻ.

– **پڑ ڪهڻ:** زمين کي سندري سڏو ڪرڻ.

– **پڑهڻ:** ذ. جنڊ جو دائرو پڌڻ.

• **پڑ ڄ پڑ:** ذ. [سن. پٽ] ٿهڙ – پرت. رليءَ جو مٽيون يا هينيون ٿهڙ. مانيءَ جو ٿهڙ. ڏڪ – ڏڪڙ (ٽاڻ، ڏاکون، دلي، پيتيءَ وغيره جو). هڪڙو پٽر. ساهميءَ (ترازوءَ) جو هڪ پاسو.

• **پڑائيڙ ج پڑائيون:** ث. هُرلي جي پڑ ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪائين مان هڪ ڪاني (پڑائيون عموماً ڇهه ٽين).

• **پڑاڏو:** ذ. [سن. پُرتَرَوَ < پُرتِ = اڳتو + رَ = آواز ڪرڻ]. اهو آواز جو موٽي پڌجي. سڌ جو آواز (جو ڪنهن آڏ سان ٽڪرجڻ کان پوءِ موٽي پڌڻ ۾ اچي – گونج. پڙلاءُ. آواز. صدا. اعلان.

– **پڑاڏو پڻ ڪرڻ:** اصلوڪي آواز تي آڌي ٻيهارڻ. ٻيائي ڪيڻ.

– **پڑاڏو پوڻ:** آواز گونجڻ. مشهور ٿيڻ.

• **پڑال پڑاندو:** ذ. پڑاڏو. پڑلاءُ. هنگامو – غوغا.

• **پڑانگ (ت):** ذ. سارين جو هڪ قسم. (سڳڌاسي جي جنس).

• **پڑاه:** ذ. [هندي] لشڪر جي منزل گاهه. ڏاپو – منزل. "سو وهت ورائي آئيو، پسي پرين پڑاءِ" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

• **پڑائي ج پڑايون (ڪ):** ث. چوپائي کي پير ۾ پڌڻ لاءِ رسي مان ٺهيل سرڪڙ.

• **پڑائي خوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. اٺنا عشري خواجا (جيڪي سر آغا خان جي مريدي ڇڏي اٺنا عشري ٻڌجي ويا. پر اهي خواجا جيڪي سر آغا خان جا مريد رهيا تن کي پينجيپائي چوندا آهن. تي پاڙا (مومناٽي، پيرواٽي، تيجاٽي).

• **پڑپاڻ ج پڑپاڻون:** ث. ٻناڪ – لاڻ – ڏاڙ – زٽ – يٽ.

– **پڑپاڻ هڻڻ:** ٻناڪ هڻڻ – ڏاڙ ڇڪڻ – لاڻ هڻڻ – زٽ پڌڻ – هٽ جي ٽاهي ٻڌائڻ.

– **پڑپاڻي ج پڑپاڻي:** ذ. صفت. ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌائيندڙ. زٽلي. ٻناڪي – ڏاڙي.

• **پڑپي (ت):** ٿ. ڪوڙو دٻاءُ – هاها.

– **پڑپي پڌڻ:** ڪوڙو دٻاءُ رکڻ – هاها ڪرڻ.

• **پڑتال ج پڑتالون:** ٿ. جاچ – ڇڪاس. معائنو. گهومر – ڇڪر – سير. مٿئين آفيسر جي ٻيو دفعو نمبر شماري. ڏسو "پرتال".

• **پڑتو ج پڑتا:** ذ. تلوار بازي – پلٽو. جهيڙو – جهڪڙو. هٿين ڳنڍجڻ. "پڑتو پاڙي وارِيءَ سين، اي ڪميتيءِ جو ڪم" (جام مراد علي خان).

• **پڑپڑ:** ٿ. ٽين ٽين – ڪر ڪر – جهَر جهَر.

• **پڑپڻ:** مصدر. [پُرا. پَٽي] حاصل ٿيڻ – پلٽ پوڻ. (پڑپيو – پڑپندو – پڑيل).

• **پڑپوتر ج پڑپوتا:** ذ. پوٽي جو پٽ (ٽ) پڑ پوٽي ج پڑپوٽيون.

• **پڑپڻ:** مصدر. مان فعل مجهول. بدنام ٿيڻ. گلا ٿيڻ (وڏن جي). ڏسو "پٽجڻ" (پڑپو – پڑجندو – پڑيل).

• **پڑ پڄ ج پڑپڄون:** ٿ. شادي، جي هڪ رسم (گهوٽيتا جڏهن ڄڃ وٽي ڪنواريتن ڏانهن اچن تہ ڪنواريتا مذاق خاطر لٽيون وغيره ڪٽي اڇي گهوٽيتن کي گهت وڌ ڳالهائين ۽ وڙهڻ لاءِ هوڪارين. آخر ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ مصنوعي جنگ ٿئي. پر جلدي ٻاڻ ۾ گڏجي ڪل مسخريون ڪري هڪٻئي جي آجيان ڪن).

• **پڑڇ پڑڇ:** ذ. [سن. پَتْر] ننڍو – نڪ. ڏاتوءِ جي چادر. لوهه جو چپرو. نار يا هُرلي جي پانديءِ ۾ لوٽن مان پاڻي ڪيڻ لاءِ رکيل نارو – پاڙچ.

• **پڑڇڻ:** مصدر. ڏسو "پرڇڻ".

• **پڑڇي ج پڑڇيون (ٿ):** ٿ. ڪوڙي جو هڪ سنڇ – ٽل.

• **پڑڏ ج پڑڏ:** ذ. ٿهڙ – پڑ. فتيل. تکرو – ڏرو. ليڙ. (ڪپڙي جي). ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڪک ڪانا. (صفت) ڏرا ڏرا. صاف – نج (جيئن ٻولي).

• **پڙدو ج پڙدا:** ذ. ڏسو "پردو".
• **پڙدي ج پڙديُون:** ٿ. هڪ سِري اوساريءَ جي پِت. تمام سنهي پت. سنهو پڙدو.
• **پڙڏاڏو ج پڙڏاڏا:** ذ. ڏاڏي جو پيءُ (ٿ) پڙڏاڏي ج پڙڏاڏيُون.
• **پڙڏو ج پڙڏا:** ذ. ڏسو "پڑاڏو".
• **پڙڏوهتو ج پڙڏوهتا:** ذ. ڏوهتي جو پت (ٿ) پڙڏوهتي ج پڙڏوهتيون.
• **پڙڪ:** ٿ. پڙڪو — ٽپ — جڙڪ — جهٽڪو.
– **پڙڪ ڏيڻي آڏامڻ:** پڙڪو کائي آڏامڻ — اوچتو وٺي آڏامڻ. تمام تکو ڊوڙڻ.
• **پڙڪلو ج پڙڪلا (ٿ):** ذ. آڪ جو ٻَڻ.
• **پڙڪو پڙڪو:** ذ. گوڙ — هُل — لڙ — ڪڙڪو. پڑلاءُ — آواز. "پيس ڪن ڪبير شاهه ڇڻي، ان پهر سندو پڙڪو" (ڪبير شاهه).
• **پڙڪو (ٿ):** صفت. ڦڪو — بي سواد.
• **پڙڪي:** ظرف. ڪڏهن. ويجهو. هي لفظ هميشه مرڪب لفظ ۾ "آڙڪي" سان گڏ ڪم اچي "آڙڪي پڙڪي."
• **پڙڪِي ج پڙڳيُون (ل):** ٿ. آٽ جي پيڙجي ڪَڇَ ءِ مُريي جي وچ وارو پاڳو.
• **پڙڪِل ج پڙڪَ (ڪ):** ذ. پڙ — ڏَڪ.
• **پڙڪِلا:** ذ. آواز. ٽڪو. پري جو آواز — پڑاڏو. پاڇو. چمڪات (ڪ). "پرلاءُ".
• **پڙلو ج پڙلا:** ذ. ڏسو "پاڙو".
• **پڙلوڦَرَ ج پڙلوڦَر:** ذ. جانور جو هڪ قسم (لوڦَر جي جنس مان. بدن لوڦَر جهڙو مگر گولائي تي ۽ منهن لوڦَر کان ٿورو وڌيڪ سنهو).
• **پڙمَلُ ج پڙمَلَ (ت):** پَرمَلُ. پريو مڙس. ڳوٽ جو چڱو مڙس — وڏيرو — مُکي.
• **پڙنانو:** ذ. نانيِ جو پيءُ — ماءُ جو ڏاڏو — پَرنانو (ٿ). پرنانيِ ج پڙنانيُون.
• **پڙنگي، پڙنگهي (ٿ):** ٿ. ڪنهن به ٿانءِ وغيره جي ڪِناري.
– **پڙڻُ جهڙڻُ:** عيوضو وڃڻ — بدلو وڃڻ. لڻَ پٽَ ٽيڻ — وهنوار ٽيڻ — هڪ ٻئي کي پورو حق ملي وڃڻ. آڇا پاڇا ٽيڻ.
• **پڙڻُ:** مصدر. [سن. پَنْهَ] پُڄڻ — رَسڻ. پُڄي اچڻ. برابر ٽيڻ. غالب اچڻ — اُپرڻ. تڪميل کي پهچڻ — پورو ٽيڻ. "منهنجي هانهپ جي هولي، پڙندي شال پنهل سان" (عالم). (پڙيو — پڙهندو — پڙيل).
– **پڙي نه سگهڻ:** پُڄي نه سگهڻ — مقابلو نه ڪري سگهڻ.
• **پڙو ج پڙا:** ذ. [سن. پٽ + ڪَهَ] شاديءَ کان اڳي گهوٽ طرفان ڪنوار ڏانهن ويل ڪپڙا ۽ ٻيو سامان. (جيڪو گهوٽيتن جون مايون ڪاري ۾ وجهي ڇڻائي وڃائي ڪڍي وڃن.)
• **پڙو ج پڙا:** ذ. [سن. پٽ] وڏي پڙي — پڙيڪو. لفافي وانگر ٽهيل ڪاغذ ۾ ويڙهيل شين جو پڙو. منائيءَ جو پڙو. پان جي پنن جو مقرر ٽهو. ٻيڙيءَ جي پٺن جو ڇڻو. دوائن جي پڙي. سرهاڻ جي شين جو پڙو. ڪمند. پاڇي يا تماڪ پوکيل زمين جو ٽڪر. گهوڙي جي لِڌ. آڪ جو وڏو پن يا پاهوڙو (ٿ).
– **پڙو ڪيڻ:** ڪنهن ٻ چوپائي جانور جو پنجين منهين اوهٽ ڪيڻ.
• **پڙواس (ٿ):** ٿ. ڪنوڻ جو ڇمڪو.
• **پڙوال:** ٿ. چت جي مٿان پناه لاءِ اڏيل ننڍي پت.
• **پڙوال:** ذ. [پڙوالُ ج پڙوالَ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. اک ۾ ڇنيڙ جي اثرڻين پاسي جاول وار. (جا اکين جي بيماري ٿئي. گرميءَ سبب اکين جي ڇپڻ ۾ وار جمن. جيڪي هر وقت ڇپڪار ڪندا رهن).
• **پڙوالُ ج پڙوالَ (ڪ):** ذ. پرلاءُ. آواز. پڑاڏو.
• **پڙوس ج پڙوسَ:** ذ. [هندي] پاڙو — محلو.
• **پڙوسي:** ذ. صفت. پاڙيسري.
• **پڙوڙ پڙوڙ ج پڙوا، پڙوڙا:** ذ. ڪوهاڏو — ڪَڏو.
• **پڙويلو ج پڙويلا:** ذ. پناهه لاءِ درجي آڏو يا چت تي ٽهيل ننڍي پت — پلويڙو.
• **پڙهاڏو ج پڙهاڏا:** ذ. نار يا هُرلي جي ڪڏ — ڪوهاڏو — ڪڏو. وانءِ (ت).
– **پڙهائڻُ:** مصدر. 'پڙهڻ' مان متعدي بالواسطه. تعليم ڏيڻ — سکيا ڏيڻ — علم ڏيڻ — درس ڏيڻ — پاڙهڻ. سيکارڻ — تربيت ڏيڻ. برغلائڻ. (پڙهائيو — پڙهائيندو — پڙهايل).
– **پڙهائي ج پڙهائيون:** ٿ. پڙهائڻ جو ڪم. تعليم. سکيا. پاڙهڻ جو ڍنگ — پاڙهه.
– **پڙهائي ڪرڻ:** علم حاصل ڪرڻ — تعليم وٺڻ.
– **پڙهڻ ڳڙهڻ:** پڙهي پڙ ٽيڻ — تعليم پرائي قابل ٽيڻ. سکي تيار ٽيڻ. تعليم سان گڏ تربيت به حاصل ڪرڻ.
– **پڙهه‍ي ج پڙهه‍يُون:** ٿ. پڙهڻ جو طريقو يا ڍنگ. دور — پيرو. هي پڙهه‍ي "هيو پيرو پڙهڻ. تي پڙهه‍ي "تيو پيرو پڙهڻ"
– **پڙهيا:** ذ. (پڙهيو ج پڙهيا) اهي شيون جن تي ڪي ڦيٽا ٽوٽا يا ڪاڻ ڏَر ڪيل هجن. تعويذ. ڪاڻ. دوه.
– **پڙهيا وڇهڻ:** ڪاڻ يا تعويذ ڪرڻ — جادو. منتر جو اثر وڇهڻ. دوهه ڪرڻ.
– **پڙهيل:** صفت. تعليم ورتل. قابل — پڙهه. هوشيار — ڏاهو.
– **پڙهيل ڳڙهيل:** صفت. پڙهي پختو ٽيل.
• **پڙهو آڇڻ:** ڍنڍورو آڇڻ — منادي ٽيڻ. اعلان ٽيڻ. مشهور ٽيڻ. عام پڌرائي ٽيڻ. هوڪو اچڻ.

– **پڑهو ڏيارڻ، گهمائڻ:** ڏينهورو ڏيارڻ – منادي ڪرائڻ. اعلان ڪرائڻ. مشهور ڪرائڻ – نالو پڌرائي ڪرائڻ. اطلاع ڪرائڻ.

– **پڑهو ڏيڻ:** ڏينهورو ڏيڻ – منادي ڪرائڻ. اعلان ڪرڻ. ڳالهه پڌري ڪرڻ – مشهور ڪرڻ.

– **پڑهو ڏيئي پڌرائڻ:** وڏي واڪي پڌرائڻ. زور سان پڌرائڻ. عَلَي الاعلان چوڻ.

– **پڑهو گهمائڻ:** پڑهو ڏيارڻ. مشهور ڪرڻ.

– **پڑهيوارو:** ڏ. صفت. پڑهو ڏيندڙ – ڏينهورو ڏيندڙ.

• **پڑهي، پڑهوڏو:** ڏ. پڑهاڏو – ڪوهاڏو.

• **پڑهيار:** اسم خاص. مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو. ٿر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پڑهيارو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پڑي ڪاڻائڻ:** بي عزتي ڪرائڻ – بي آبرو ٿي ڪرائڻ. عزت لهرائڻ.

• **پڑي ڀڏڻ:** پاڻاري ناهڻ (وڪري لاءِ). ويهي رهڻ. ڪب ڪوڙي ويهڻ. خلقو ڀڏڻ (جند جو).

– **پڑيءَ تي ڇت ڪرڻ:** ڏڙي تي ڇت ڪرڻ – اُتي جو اُتي ختم ڪرڻ.

– **پڑيو ۾ پڑيا:** ڏ. صفت. پڑيءَ وارو – پڑيءَ تي ويهي وڪرو ڪندڙ.

• **پڑي ۾ پڑيُون:** ث. [سن. پٹِکا] ننڍو پڙو – ڪاغذ جي ويڙهي (جنهن ۾ ڪا شيءِ ويڙهيل هجي). دوا جي پڙي. سُتي. زهر. ڪيڙن کي ڏيڻ جو رنگ. سَرهاڻ جي موڙي. جَندَ جو هيڻيون پڙ (ت).

– **پڑي ڏيڻ:** زهر ڏيڻ – وهُ ڏيڻ. زهر ڏيئي مارڻ. ڇت ڪرڻ. ختم ڪرڻ. گم ڪرڻ – لڪائڻ.

– **پڑيڪو ۾ پڑيڪا:** ڏ. ننڍو پڙو (جنهن ۾ ڪي شيون ويڙهيل هجن) – پڙي.

• **پڑينگ ۾ پڑينگ (ل):** ڏ. صفت. تمام ڏڳهو – لاثبت.

• **پڑيشو ۾ پڑيئا (ث):** ڏ. گيهه مٺو لاءِ ٽبريءَ جيڏو. انڪل هڪ تولي وزن جو ٿانءُ.

• **پڑڻ (ڪ):** مصدر. ڪڙڻ – ڪاوڙجڻ. (پرزيو – پُرزندو – پُرزيل).

• **پڑوچ پڑا (ڪ):** ڏ. تازي ويڄل جويائيءِ جو پهريون ڪير – پس – ڪڙ (ل).

• **پسُها:** صفت. [پس +ها] پويان پير – پوئين پيرين – پوئتي هٽيل. پاڇ ڪاڍل – شڪست ڪاڍل.

– **پسپا ڪرڻ:** پوئتي هٽائڻ. شڪست ڏيڻ.

– **پسپائي:** ث. پويان پير ڪرڻ جي حالت. شڪست – پاڇ.

– **پسُ پيش:** ظرف. اڳي پوء ۽ آخرڪار – نيٺ.

– **پسڪردئي:** ث. اُپاس. جوڳاري – جوگرد. اوسو پاسو.

– **پسُمانڊ:** ث. ڇڄت – پاڇي.

– **پسُمانده:** صفت. پوئتي رهيل. باقي رهيل. ڇڄيل – پويون. پويان (اولاد).

مائٽ وغيره). پٺ تي پيل – غريب.

– **پسُ و پيش:** ظرف. اڳي پوء ۽ نيٺ – آخر. (ذ) اڳ پوء جو خيال ۽ ويچار. نتائج جي حالت – گُنس گُنساءُ – بهاني بازي.

– **پسيُن:** صفت. پويون – آخري. جهونو.

• **پِسْ ۾ پِش:** ڏ. [سن. پِيُوشُ] تازي ويايل ڳئون. مينهن. ٻکريءَ وغيره (حلال مال) جو پهرئين ڏينهن وارو کير (جو ڪاڙهڻ سان جمي پوندو آهي) – ڪڙ (ل).

• **پِسْ ٿيڻ:** رڌ جي نرم ٿيڻ – رڌ جي وڃڻ. گهٽي ٻاري ڪري رڌجي ڳري وڃڻ.

• **پساڇ ۾ پساڇ:** ڏ. صفت. [سن. پشاچ] شيطاني ڪم ڪندڙ. ڏسو "پشاچ".

• **پسار:** ڏ. [سن. پَثِيَ + سار] دوا طور ڪم ايندڙ سڪل ٻوٽيون. پَنَ. گُلَ. ٻيج وغيره.

– **پسار پساڙ:** سڀ سامان ڪولي رکڻ – سامان پکيڙي ويهڻ. سيڪجهه ظاهر ڪري رکڻ.

– **پساري ۾ پساري:** ڏ. صفت. پسار جو سامان وڪڻندڙ دڪاندار. جڙيون ٻوٽيون وڪڻندڙ (دڪاندار).

• **پسار:** ڏ. [سن. پُرسارَ] گهوڙو – شَيلَ. سير – ڇڪر – ڇهل قدمي – گشت.

– **پسار ڪرڻ:** گهمڻ خاطر آهستي آهستي هلڻ – ڇهل قدمي ڪرڻ. ٽهلڻ. شيل ڪرڻ – ڇڪر هڻڻ. هواخوري ڪرڻ.

• **پساڙ:** مصدر. [سن. پُرسارَڻ] پکيڙڻ – ڪنديڙ – ٽيڙڻ – ڦهلائڻ. وڇائڻ. اُپتار ڪرڻ. ڏڳهو ڪرڻ (ٽنگن کي) وڌائڻ (ڳالهه).

• **پساڙ ۾ پساڙُون (ل):** ث. گوڏ. (پساريو – پساريندو – پساريل).

• **پساڙو ۾ پساڙا:** ڏ. دير رندڪ – پڇاڙو.

– **پساڙو وهڻ:** دير ڪرائڻ. سيڙپ ڪرائڻ. رندڪ وهڻ.

• **پساروچ پسارا:** ڏ. [سن. پُرسار] وسڪارَ – اُپتار. ڏيگهه – وڌاءُ (ڳالهه ۾). پکيڙ – ڪنديڙ. واڌارو. مفاصلو. مانڌاڻ. ڏيڪ – مشاهدو – نظارو. ميڙ – اجتماع. آبادي – بستي. سامان.

– **پسارا ڪرڻ:** ڏڳهيون ڳالهيون ڪرڻ.

– **پساروڪرڻ:** مشهور ٿيڻ – نالو ڪڍڻ.

• **پساروڙو:** ڏ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم. پسارڪين شين مان ٺهيل جلاب. جلاب جو هڪ قسم.

• **پساهه ۾ پساهه:** ڏ. [پرا. ساسُو: سن. شْواسْ] ساهه – دَمُ – پران. پويون ساهه – پويون دَمُ.

– **پساھ ڪڻ:** ساھ ڪڻ – ٽڪر ٽپڻ ڪنهن پساھ. پسڻ خاطر پرين جي" (شاھ). جانورن رڌڻ جو هڪ طريقو.

• **پسار:** ڏيکاءَ – ديدار. جانورن رڌڻ جو هڪ نمونو – پساھ.

• **پسايا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پسٽ:** صفت. [ف] هيٺ. هيٺ وارو – ٿري وارو –هيٺاهون. گهٽ – خسيس – نيچ.

– **پسٽ خيال:** ذ. صفت. نيچ خيالن وارو – ڪميڻو. گهٽ همٽ وارو.

– **پسٽ خيالي:** ث. نيچ خيالي – ڪميڻپ. ڪمتريءَ جو احساس.

– **پسٽ فطرت:** ذ. صفت. نيچ سڀاءَ وارو – ڪميڻي طبيعت وارو – رذيل – ڪريل ذهنيت وارو.

– **پسٽ قد:** ذ. صفت. ننڍي قد وارو –بندر.

– **پسٽ و بلند بالا:** ظرف. هيٺ مٿي.

– **پست و بالا:** ظرف. اعليٰ ادنيٰ.

– **پسٽ همت:** ذ. صفت. ڪم همت – بزدل – ڊڄڻو.

– **پسٽي ج پستيون ٿ.** هيناهين. ڪريل درجو – تنزل. رذالت – ڪميڻپ.

• **پسٽ:** ٿ. [ف. پوست] هڪ قسم جي پوک جو ڦر. (جنهن جي شڪل ونڊنڊ جي گوگڙي جيان ٿئي. ان جي رس مان آفيم نهي) – ڏوڏي. ڏوڏيءَ جي پوک – گل لالا جي پوک. (انگ. Poppy).

– **پسٽ جي ڪ:** ٿ. پست جو ٻج – ڏوڏيءَ جو ٻج – خشخش.

• **پسٽا:** ذ. [ف. پسته] سڪل ميوي جو هڪ قسم. (هي لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي). (انگ. Pistachio Nut).

– **پستائي ج پستائي:** صفت. پستن وارو. پستن مان نهيل پستن پيل. پستن جي رنگ جهڙو (سائو) هلڪي سائي رنگ وارو.

• **پستاڻ ج پستاڻ (ت):** ث. اِڻ – لَٽ – اِني.

– **پستاڻ مارڻ:** اِڻن هڻڻ. جانورن جون پويون لتون هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ – مستي ڏيکارڻ.

• **پستان ج پستان:** ذ. [ف] اَرهَ – بَبو – تَڻُ – چاتي.

• **پستڪ ج پستڪ:** ذ. [سن. پستڪ] ڪتاب. هندن جي ڌرمي ڪتاب (پوٿي. گرنٿ وغيره).

• **پستڪندي:** ث. مٺائيءَ جو هڪ قسم.

• **پستنگ ج پستنگ:** ذ. گهوڙي جو هڪ ننڍڙ. هني جي مٿان وري آيل ننگ جو ٽڪرو. (جنهن سان ننگ جو هينيون پاسو ٻڌجي).

• **پستو ج پستا:** ذ. [ف. پسته] سڪل ميوي جو هڪ قسم (ڏسو "پستا").

(صفت) ننڍي قد وارو – بندرو.

– **پستو ڪتو:** ذ. ڪتي جو هڪ قسم (وٺندڙ ننڍي قد وارو. (وڏي کوپراتي. اوچي پيشاني. ڪن لٽڪيل).

– **پستي هڻڻ:** پت کي پاڙ ۾ رڌيڪ مٽي يا سرون هٿي مضبوط ڪرڻ. لت هڻڻ – ٽونٽي هڻڻ. احسان جي بدران برائي ڪرڻ.

– **پستيون هڻڻ:** اِٽون هڻڻ. مستي ڪرڻ – ڇاڪاڻيون ڪرڻ.

• **پسڻمان:** ذ. ڪائي مال جو هڪ مرض (جنهن ۾ هوا سان پيٽ ڦوڪجي وڃي).

• **پسر ج پسرڙ:** ث. باکڙي جي پاسي واري ڪاٺي.

– **پسرائڻ:** مصدر. 'پسرڻ' مان متعدي بالواسطه. پکيڙڻ – وڇائڻ. ڪاوڙائڻ – چيڙائڻ. (پسرايو – پسرائيندو – پسرايل).

– **پسرجڻ:** مصدر. 'پسرڻ' مان فعل مجهول. وڇڻ – پکڙجڻ. وڇرجڻ. ڪاوڙجڻ – چڙڻ. (پسريو – پسريو – پسريل).

– **پسرجي وڃڻ:** جڙي وڃڻ – ٽوري ناراض ٿي وڃڻ.

– **پسرو ج پسرو:** ذ. صفت. پسري پوندڙ – جلد ڪاوڙجندڙ. روٺو (راند ۾). خار ڪائيندڙ. حاسد.

– **پسري پڻ:** ڪنهن ڪاٽيات جو پکڙڻ يا ڦهلجڻ. ڪنهن سبب تي يڪدم ڪاوڙجي يا هرکي پوڻ.

• **پسگردائي:** ث. [ف. پس = پٺيان + گرد = جوڌاري] جوڌاري – آس پاس. ويجهڙائي – اوڏانهن. ٽُر – ويجهي ڇڪ.

• **پسلي ج پسليون (ت):** ث. ناريل جو کوپو (جو گهوٽ جي هڪ ۾ جهلايو وڃي).

– **پسند اچڻ، پوڻ:** وٺڻ – سُنو لڳڻ. قبول پوڻ. دل کي چڱو لڳڻ.

– **پسند ڪرڻ:** چاهڻ – گهُرڻ. چونڊڻ – انتخاب ڪرڻ. قبول ڪرڻ.

– **پسندي ج پسنديون:** ث. پسند ـ وٺت. راضپو. چونڊ. مرضي – خواهش. مُکياري.

– **پسند يده:** صفت. پسند ٽيل – وٺيل. مرضيءَ مطابق چاهه وارو. قبول پيل – چونڊيل.

• **پسڻ ج پسڻ:** ذ. [سن. پشَيَ + دْرُشْ= ڏسڻ] اِشارو. اَهجاڻ – شُگون – آثار. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ.

– **پسڻ پوڻ:** اَهجاڻ اچڻ – نشانيون لڳڻ.

• **پسڻ:** مصدر. ڏسڻ – نهارڻ – جاچڻ. معلوم ڪرڻ. محسوس ڪرڻ. لکَڻ.

– **پسڻا:** ظرف. پسڻ سان ڏسڻ سان. "مولي مشرف کيو. برينءَ جي پسڻا" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

– **پسي پوڻ:** آلو ٽيڙڻ – پڄي پوڻ. پڄي خراب ٿيڻ.

• **پسور (ت):** ث. اوچتي سنيءَ. اوچتو اچڻ جي حالت – سڌ (ت).

– **پسُورَ ڪرڻ:** اوڇتي سنبت ڪرڻ - سڌَ ڪرڻ (ت).

• **پسُوري ج پسُوريُون:** ث. نسلي آڏ – موروثي اثر. اصليت. عادت – هير. خوبي. ڪميٽيٽو. بيوقوفي.

– **پسوري پڏري ڪرڻ:** اصليت ظاهر ڪرڻ. خوبي ڏيکارڻ. بيوقوفيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ – پٽر پڏرا ڪرڻ.

• **پسُونُ ج پسُونُ:** صفت. [سن. پَشْ < دُرَشْ = ڏسڻ] ساهه وارو. تمام نندڙو ساهه وارو – جيت (جُونءِ، مچ، وغيره). جانور. نندڙو ٻار – معصوم – آبهر – ڪلهر (ل). (صفت) بي عقل – اٻوجهه. (ذ) ٻيڙيءَ جو هڪ حصو. ٻيڙيءَ جي اندران سڄي ٿَري ۾ جَڙيل ڪائين جي پٽڙ.

• **پسوئِجَڻ:** فعل مجهول. سِگوئجڻ – ٽٽڻ ۾ ڪير اچڻ. آندا ڪوئجڻ. ڪُروندڙو ٿيڻ.

• **پسِي (ل):** ذ. ڪُنجهه (ڏاتو). ڪنجهي جي ٽالهي يا تراکو وٽو.

• **پُسِي:** ث. ڪرڙ جا ڳَلَ (ڳاڙهي رنگ جا، ڇوسڻ سان ميناج ڏين. ڏ ٿ طور ڪم اچي). ڦت تي ٻڌل آلي اڳڙي (جا ان کي هر وقت آلو رکي). اوسي کان ويڙهيل آلو ڪپڙو.

– **پُسِي ڪرڻ:** گرميءَ سبب ڪپڙو آلو ڪري ويڙهڻ.

• **پُسيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پسِيُنو:** ذ. [ف. پَسِينَه] پگهر.

• **پسِيُني (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ٻوٽ اڇو. ڪن ننڍا، ٻت ڪارا).

• **پُسِيُونُ (ت):** ث. سڳداسي سارين جو هڪ قسم.

• **پِشاچ:** ذ. [س. پِشاچ]. جِنّ – پُوت. ڏائڻ. شيطان. شيطاني ڪم ڪندڙ. ظالم. بيرحم.

• **پِشالِي ج پِشالِيُونْ (ڪ):** ث. ويڪري منهن وارو ٽانءُ – پيالي. ٽِڪري.

• **پِشاوَر:** اسم خاص. صوبي سرحد جو هڪ مشهور شهر.

• **پِشْٽ ج پِشْتُون، پِشتِيُون:** ث. [ف] پُٺ. پَٺِي. نسل – پيڙهي – بَٽ. خاندان – حمايت – مدد. ٽيڪ – آڌار. (صفت) حمايتي – مددگار.

– **پِشتاوَه:** ذ. پُنن تي ڪنيل هَڙ – پنارڪ – پَرِي.

– **پِشت بِه پِشْت:** ظرف. نسل در نسل – پيڙهي ب پيڙهي. گهڻي زماني کان (سلسلي ۾ هلندڙ) قديم زماني کان – هميشه کان.

– **پِشت پَناهْ:** ث. پويان جي مدد. ٽيڪ – حمايت – آسرو. (صفت) مددگار – حمايتي.

– **پِشتِي:** صفت. نسلي – موروثي – خاندائي.

– **پِشتِي ج پِشتِيُون:** ث. پِشت. مدد – حمايت – ٽيڪ. پيڙهه کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آڏ.

– **پِشْتِيبانْ:** ذ. صفت. پنيراڻي ڪندڙ – حمايتي. ٽيڪ يا ٽيڪو ڏيندڙ.

• **پِشْتُو:** ث. پٺاڻن جي ٻولي.

• **پِشْپ ج پِشْپَ:** ذ. [سن. پِشْپ < پِشْ = ڦَلڻ، ڦَسَڻ] ڳَلُ – ڦول – ڦَل.

– **پِشپ ڪوش:** ذ. اهي پن جن ۾ مُکڙي بند هوندي آهي.

– **پِشپ مُتَڪ:** ذ. ڳل جا ورق.

• **پِشجات:** ظرف. [سن] پوءِ.

• **پِشَڪَ ج پِشَڪَ (ڪ):** ذ. [بلوچي] گهگهو.

• **پِشكرڻ (ت):** اسم خاص. برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو.

• **پِشْلو ج پِشلا (ڪ):** ذ. گهر جي وڇڻين تنب ۾. وهاڻ، وقت زالن جو سَوَڻ طور پڌل ڳنڍ.

• **پِشَمَ:** ث. [ف] اَنَ (ڏوتل ۽ صاف ڪيل) نرم وار – سنها باريڪ وار.

– **پِشمي:** صفت. اَنَ جو – اوني.

– **پِشْمِيْن:** صفت. پشمي – پشم جو – اَنَ جو.

– **پِشْمِينو:** ز. پشم مان ٺهيل ڪپڙو – اوني ڪپڙو.

• **پِشن:** اسم خاص. بلوچستان ۾ ڪوئيٽه جي ويجهو هڪ تعلقي جو نالو.

• **پِشنگ ج پِشنگَ:** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار (پت ۾ سوراخ ڪرڻ جو اوزار).

• **پِشَنه:** ث. مچيءَ جو هڪ قسم.

• **پِشواز ج پِشوازَ:** ذ. [ف] هڪ خاص قسم جو پڙو (جو ڪجرين ناچ وقت پائين).

• **پِشوري:** ذ. جانورن جو هڪ قسم. ڪڪڙ جي هڪ ذات (رنگ پيلو. قد بندرو. ڪڙهون وڏيون ۽ دم ڪٽي ٿئي).

• **پِشي ج پِشيُونْ:** ث. ٻلي. (پارن جي ٻوليءَ ۾) پيشانبه

• **پِشيمانْ، پِشيمانْ:** صفت. [ف] پچتائيندڙ. شرمسار.

– **پشيمان ٿيڻ:** پنهنجي ڪئي تي افسوس ڪرڻ – شرمسار ٿيڻ.

– **پِشيماني:** ث. پچتاءُ – افسوس – ارمان. شرمندگي – ندامت.

• **پِطرس:** اسم خاص. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي هڪ حواريءَ جو نالو – شَمْعُونَ (انطاڪيه جو بشپ (Bishop) مقرر ٿيو. پوءِ روم ڏي هليو ويو. جتي اَن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو. رومن ڪيٿلڪ جا ماڻهو ان کي پوپ ٿا ڪُهين).

• **پِٺانْ (پِٺانَـ) ج پِٺانْ (پِٺانَـنْ):** ذ. پٺيءَ جو ٻت. (ث) پِٺانِ ج پِٺانِيون.

• **پِٺانْ، پِٺانو ج پِٺانْ، پِٺانا:** ذ. هندڪي هڪ رسم موجب شاديءَ وقت ڪانءَ جو ٺاهيل چوڪنڊو. جو سرڪس وقت گهوٽ جو ويجهو عزيز يا آهر ڪٽي هلي – اَڏاوانو.

• **پَڏُرُ ج پَڏَرَ**: ذ. پڏي ۽ جو مڙس.
• **پَڏو ج پَڏا**: ذ. پَڏرُ.
• **پَڏِي ج پَڏِيُونْ**: ث. [سن. پٽَر شُوَسا < پٽَر = پي ۽ + سُوَسا = پيڻ] پي ۽ جي پيڻ.
• **پڪ ج پڪُونْ**: ث. [سن. پَچْ = پَچْڻُ] پڪائي. (واعدي جي) يقين – خاطري – دلجاءِ. (ظرف) خاطريءَ سان – برابر – يقيني.
– **پڪ پجائڻ**: پڪي صلاح ڪرڻ – پڪي رٽ ٻڌڻ. يقيني ارادو ڪرڻ.
– **پڪ پڪاڻ ڪرڻ**: خاطري ڪرڻ. يقين ڪرڻ. وري وري ڏسي وائسي ڀالهائي بولهائي پڪ ڪرڻ.
– **پڪ ڪرڻ**: خاطري ڪرڻ – يقين ڪرڻ – دلجاءِ ڪرڻ. انجام ٻڌڻ.
• **پڪ ج پڪُونْ (ت)**: ث. پوري بلبل جو هڪ قسم (جنهن جي ناسَن جي ٻنهي پاسن کان ڳاڙهو وار هجن).
– **پڪداني ج پڪدانِيُونْ**: ث. ٽڪن اچلائڻ جو ٽانءِ – ٽڪو – اڳالدان.
– **پڪ لائڻ مڪ هڻڻ**: ٽُڪ جو ذرو هڻڻ. نندڙي ٻار کي نظر کان بچاءِ لاءِ سَوڙ طور پڪ مڪ.
• **پڪا**: ذ. [پڪو ج پڪا] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڪرڙ جو سڪل ڦُـرَ – پڪل ڏونرا.
– **پُڪارَ ج پُڪارُونْ**: ث. رڙ – ڪوڪ – دانهن. واڪو. فرياد. سڏ – ڪوٽ. صدا – آواز.
– **پُڪارو**: ذ. پُڪارَ – واڪو – رَڙِ ـ سَڏَ.
• **پُڪاڙُ ج پُڪاڙَ**: ذ. ڏسو "پُڪوان".
• **پُڪاوَٽ**: ذ. [سن. پَچْ = پچڻ] ڪاڙهو (دوا جو) سَتي.
• **پَڪائي ج پَڪائِيُون**: ث. [سن. پَچْ] ڏاڍائي – مضبوطي – پختائي. ميوي وغيره جي پچڻ جي حالت. خبرداري – هوشياري – سياڻپ – (خريد وفروخت ۾) ڪنجوسائي – مرجوتائي.
• **پَڪَتُ ج پَڪَتَ (ل)**: ذ. صفت. ڪنجوس – مرجوت. سياڻو – ڏاهو. (خريد فروخت ۾). خرچ نه ڪندڙ.
• **پَڪَڙُو ج پَڪَڙُوا (ت)**: صفت. ڏسو "پَڪَتُ".
• **پَڪِيتُ (ت)**: ذ. ڦٽ ڦَرڙِيُونْ – ٽلو.
• **پَڪَراسُ ج پَڪَراسُونْ (ل)**: ث. اُٽ کي اڳيين ۽ پوئين ٽنگ جي گوڏن مٿان ڏاڍ طور ٻڌڻ لاءِ رسو.
• **پِڪَڙما**: ذ. ڏسو "پَرڪَرما".
• **پَڪرڻُ، پَڪِرڻ**: مصدر. ڪم اچڻ. مدد ٿيڻ (ڏکئي وقت ۾). مدد لائق ٿيڻ. پهچڻ – رسڻ. نبرڻ. (پڪريو – پڪرندو – پڪريل).
• **پَڪَرَڻُ**: مصدر. هضم ٿيڻ – جيوُرَڻ. وَڍجڻ. وٺا ڪرڻ. (پڪريو – پڪرندو – پڪريل).
• **پَڪرِياڻي**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پَڪرِيزُ**: ذ. پَچُ – واڌ (قت جي).
• **پَڪَڙُ ج پَڪَڙُونْ**: ث. گرفت – قبضو. واڍڪي ۽ لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار – انبوري.
• **پَڪُوانَس (ث)**: ث. پڪراس (ل).
– **پَڪَڙُ**: مصدر. 'پَڪَڙڻُ' مان امر. (ث) پڪڙڻ جي حالت يا ڪم. گرفت. جهل.
– **پَڪوائِڻُ**: مصدر. 'پَڪوڙڻُ' مان متعدي بالواسطه. جهلائڻ – ونائڻ. قابو ڪرائڻ. گرفتار ڪرائڻ.
– **پَڪوَڙ پِهاڙ**: ث. وَڻ پَڪوَڙ – وَڻُ ونان. جاکوڙ – هلاکي – تڪليف. جاچ جوچ – پچا ڳاڇا.
– **پَڪو پِهاڙ ڪرڻ**: وَڻ وَنان ڪرڻ. وڻ پڪڙ ڪرڻ. جلدائي ڪرڻ. پچا ڳاڇا ڪرڻ. جاکوڙ ڪرڻ.
– **پَڪوڙَهُ**: مصدر. 'پَڪوڙڻُ' مان فعل مجهول. جهلجڻ – وَڻجڻ. ٻڌجڻ. گرفتار ٿيڻ. (پڪوڙيو – پڪوڙبو – پڪوڙيل).
– **پَڪو ڪرڻ**: گرفت ڪرڻ – اعتراض ڪرڻ. غلطي جاچي ونڻ.
– **پَڪوڙي وڻڻ**: جهلي ونڻ. قابو ڪري ڇڏڻ. گرفتار ڪرڻ. غلطي معلوم ڪري ونڻ – ٻُڌڻ پڪڙڻ.
• **پَڪُوڻُ ج پَڪُوڻَ (ت)**: ذ. صفت. ڪَرڙُوڏُ – ٿورو پوڙهو.
• **پَڪُشُ ج پَڪُشَ**: ذ. [سن. پَڪشَ] پَڪُ مَهيني جو آڏ (چند جا ۽ پَڪ. هڪ اونداهو پَڪ، ٻيو سَهاڻو پَڪ). پاسو – طرف. مدد – واهر. حفاظت – سنيال. طرفداري. عوض.
• **پَڪُسْتُ، پَڪشُڪُ**: ذ. صفت. هر ڳالهه ۾ پڪائي ڪندڙ – اڃائي پڪائي ڪندڙ. ڪنجوس.
• **پَڪُلُ ج پَڪُلَ**: صفت. [سن. پَچْ = پَچْڻَ] تاندن يا ٻاهه تي سيڪيل ٽئي. دانگي تي نهيل (ماني). پچي ويل (ڪاڏو). رڌل (طعام). پچي راس ٽيل. (متيءَ جا ٽانو، سرون وغيره). رس وارو (ميوو).
– **پَڪو پَڙاتُ**: ذ. پرت جو هڪ قسم (جو مٿئين پاسي سنءِ هيٺئين پاسي بَحَئي وانگر ڏسجي).
– **پَڪو پُختو ج پڪا پُڻَا**: ذ. صفت. چڱيءَ طرح پڪو. وَهيءَ چڙهيل هوشيار – تجربيڪار – جالاڪ (ث) پڪي پختي ج پڪيون پختيون.
– **پَڪو پوڏو ج پڪا پوڏا**: ذ. صفت. ڪامل سمجهه وارو. جوانيءَ کان چڙهيل عمر جو – پختي عمر جو – ڪَرڙُوڏُ. (ث) پَڪي پوڏي ج

پکيون پوڏيون.

– **پکو روزنامچو:** ڏ. اُها وهي جنهن ۾ ڪجهي روڪڙ جون ساڳيون رقمون تاريخوار يا مهيني جي آخر ۾ يا روزمره ڪٽائي آڻجن مگر رقمن جو تفصيل نه ڏجي.

– **پکو ڦل (ت):** ن. پرت جو هڪ قسم.

– **پکو ڪرڻ:** ڏاڍو ڪرڻ – مضبو ڪرڻ. ياد ڪرڻ (سبق). سيکاري پختو ڪرڻ. سوٽر کي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪنهن جهنگ ۾ ويهارڻ (ت).

– **پکو وڻ:** ڏ. ڏاڪي جي وڻ ڪي سنئون ڪري وڻڻ جو هڪ نمونو.

– **پڪي پير تي هڻڻ:** ڳالهه تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ. ارادي تي پکو هڻڻ.

– **پکي گهڙي ڪنا پوڻ:** نه ٿيڻ جهڙي. لاحاصل ڪوشش ٿيڻ. ناممڪن ڳالهه ٿيڻ.

• **پکُواڙ ج پکُواڙُون:** ث. ڏهل جو هڪ قسم. نندو ڏهل – ڍولڪ.

• **پکُواڙ ج پکُواڙ:** ڏ. صفت. چالاڪ – هوشيار – پڙ – خبردار. حرفتي – اُٽڪلي – ڏڪ. هر ڳالهه ۾ پکو پختو.

• **پکُوڻ ج پکُوڻ:** ڏ. [سن. پڪوڻ] گيهه يا تيل ۾ تريل ميدي جي تمام سنهي مانيءَ. تريل شيءِ. پوري. ڪچوري. مٺائي.

• **پکوڙو ج پکوڙا:** ڏ. [سن. پڪ + وڙ] بيسڻ ۾ مصالحي گڏ. تريل ڪاڏو.

– **پکوڙائي ج پکوڙائي:** ڏ. صفت. پکوڙن وارو – پکوڙا ٺاهيندڙ ۽ وڪڻندڙ.

• **پکو ڪشمور:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکو ڪوٽ شاهُو:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکو ڪوسڪي:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **پکيءَ پير ۾ پٽر هڻڻ:** فائدي واري هنڌان فائدي وڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ. هوند واري ۾ آس رکي طلب ڪرڻ. بالغ ڏيءِ جي بيءِ ماءُ کان ڳڻ جي گهر ڪرڻ.

– **پکيءِ تي وڻڻ:** ونجهوٽي راند ۾ ڪنهن راندينگر جو سڀ دربون اُڪري موت ڪائڻ. راند جو پهريون اڌ پورو ڪرڻ.

– **پکي ڪرڻ:** پڪ ڪرڻ. ونجهوٽي راند ۾ سڀيئي ٻاربون اوٽ موت اُڪري آگ ڪڍڻ.

– **پکي ڪُري (ت):** ث. انجام اقرار. پکي پختي – يقيني.

– **پکِي وَٽ:** ث. ريڍ جي اُها حالت جنهن ۾ مٽان زمين سڪل هجي پر اندر آلي هجي.

– **پکيڻِ تي پوڻ:** ٻيهر ٽڪيل ڪم تي اڇي رسڻ. ٻين جي محنت جي فائدي ۾ اڇي پائيوار ٿيڻ. رڳو فائدي وڻڻ لاءِ اڇي حاضر ٿيڻ.

• **پکِيارو ج پکِيارا:** ڏ. آني جو چوٽون حصو. پُسو – ڏرڪ.

• **پکَ ج پکَ:** ڏ. [سن. پڪْش] ڪَنْب – پَ. مهيني جو اونداهو يا سُهائو اڌ (قمري مهيني جا ٻه پک ٿين. سُهائو پهرين کان چوڏهين ۽ اونداهو پندرهين کان اڳاڙيهين تاريخ تائين). پاسو – طرف. راءِ – پاسخاطري. پرت جو هڪ قسم (ت).

– **پکَ آڻا ڪرڻ:** ڦلو آڻا ڪرڻ. قرض مان جند ڇڏائڻ. رهنواري ڏيتي ليتي کان آزاد ٿيڻ.

– **پکَ پات:** ڏ. پاسو – طرفداري – رياءِ – لحاظ.

– **پکَ پاتي:** ڏ. صفت. طرفدار. پاسخاطري ڪندڙ – رأيو رکندڙ.

– **پک پائڻ:** حيلا ڪرڻ.

– **پکَ ڪڍ (ت):** پردو لاهڻ – پڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. پاسو ڇڏي ڏيڻ – طرفداري ترڪ ڪرڻ.

– **پکَ وڻڻ:** پاسو وڻڻ – طرفداري ڪرڻ.

• **پکارَڻ:** مصدر. [پرا. پڪْرالَڻْ آمْ. سن: پْرَڪْشالَنم = Towash] ڌوئڻ – صاف ڪرڻ. پکا اڏڻ. (پکاريو – پکارينڊو – پکاريل).

• **پکارَڻ (ت):** مصدر. صفائي ڪرڻ.

• **پکانْ بيد:** ڏ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم اهڪ ٻوٽي جي پاڙ، ميرانجهڙي ۽ ڳاڙهي رنگ جي. گرانٽ جيتري. ذائقي ۾ ڪوڙي، به قسم ٿين).

• **پکانو ج پکانا:** ڏ. تارجي مانڊاڻ ۾ ڪاڇڻ رکڻ لاءِ ٻسائگي ٿوٽي.

• **پکاوَڄ ج پکاوَڄُون:** ث. ڏهل جو هڪ قسم – ڏسو "پکواز".

• **پکاوجي:** ڏ. صفت. ڍولڪ وڄائيندڙ – پکوازي.

• **پکٽي (ت):** ث. پرت جو هڪ قسم (جو باراڻي جولي جي چاتيءِ وٽان پرجي).

• **پکِجڻ:** فعل مجهول. [سن. پڪْش = ڪنپ] پکيءِ جي ٻچي کي ڪنپ چمڻ. اُڏامڻ جهڙو ٿيڻ – اُڏامڪ ٿيڻ.

• **پکَرَ (ل):** ڏ. ڪانهينْ جي ٻوڙي جا پن (جي رسي ٺاهڻ ۾ ڪم آڻن) – ڪانهين.

• **پکَرج ج پکَرڻُون:** ث. زور. "بي عقل کي باتين جي اهي. پکَرَ ٻيرن سنئين" (اسحاق). مرشد وغيره کان عزت افزائي خاطر مليل وڳو – پاڪ.

• **پکراجَ ج پکراجَ:** ڏ. [سن. پڪْشِراگ] جواهرات جو هڪ قسم. هڪ قسم جو قيمتي پٿر. جمڪدار پيلو. نيلو يا سبز سفيدي مائل.

• **پکرَڻ:** مصدر. "پکرڻ".

• **پکريو (ل):** ذ. جوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ مال جي چاتيءَ ۽ اندر گوشت جو پکي پيدا ٿي پوندو آهي. جون ٽا ٽ ماٿهن ۾ به اها بيماري ٿيندي آهي).

• **پکڙ ج پکڙ (ت):** ذ. مينهن کي پيرن ۾ پڏڻ لاءِ رسو.

• **پکڙم:** ذ. [پکڙ ج پکڙا] هميشه جمع ۾ ڪم اينڊڙ پلي يا مڇيءَ جون ڪنيڙائيون (جي پاسي کان پکن وانگي ٿين) ـ ڪنيڙائڙ.

• **پکڙاٽي، پکڙانڊي ج پکڙاٽيون، پکڙانڊيون:** ث. [سن. پکش = ـ A] wing ڪنبڙاٽي ـ پَرُ (پکيءَ جي).

– **پکڙائيون، پکڙانديون پچڻ:** پر پچڻ ـ ڪنيڙائيون پچڻ. بيوس ڪرڻ ـ حيلا وسيلا ختم ڪري ڇڏڻ.

• **پکڙجڻ:** مصدر. "پکڙڻ" مان فعل مجهول. چڙوچڙ ٿيڻ ـ ڪنڊرجڻ. ٽڙي پکڙي وڃڻ. ۽ ڳهري وڃڻ. (پکڙيو ـ پکڙبو ـ پکڙيل).

• **پکڙو:** اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکڙو ج پکڙا:** ذ. [سن. پکْش] 'پک' جو اسر تصغير. ڪنيڙو ـ ننڍڙو پک. ٽڏي جو هڪ قسر. مَنهُنْ ـ جهوپڙي. جهنگلي ٻوٽي جو هڪ قسر. پَرٽ. گاهه جو هڪ قسر.

• **پکڙو جاگير:** اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکڙي ج پکڙيُون (ت):** ث. ننڍن قاسائڙ لاءِ ڪاٺ جي ٽَهيل ڪوڙڪي.

– **پکڙيُون اَڏڻ:** ننڍن قاسائڙ لاءِ پکڙيون رکڻ ـ ڪوڙڪا منڊڻ.

• **پکَڻ:** ز. [سن. پکْش = پک] تمام گهڻا پکي ـ پکين جي ڦهائي. پکيءَ جو جمع الجمع (جيئن مکڙ مان 'ماکڙ'. ڪنڊَ مان ڪُنڊ). هميشه پکيءَ جو تابع ٿي ڪم اينڊڙ لفظ "پکي پکَڻ". مينهوڳيءَ جي مند ۾ پيدا ٿيل اڇن پرن سان ننڍا پتنگ. (ڪروڙن جي تعداد ۾ ٿين ۽ روشني تي جمع ٿين).

• **پکو:** اسر خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکو ج پکا:** ذ. [سن. پکْش + ڪ] ٽيلين يا ڪاٺن مان ٺهيل ـ ڇَنَر (جا لاڏين ٽاهڻ ۽ چٽين ڊڪڻ ۾ ڪم اچي). چَٽَر. مَنهُنْ. لاڏي. پکن مان ٺهيل جهوپڙي. اَجهو ـ ڏَڪ. ونجهٽو ـ وڇڻو. ڪوري جي باهه ڏيڻائڙ لاءِ هڪ لوهو اوزار. تانگي جو هڪ حصو (ڦيٽي جي مٿان ڪمان وانگر وريل لوهو يا ڪاٺ جو پترو) آڏاڻي ۾ پيٽي جي تندن پڃائڻ جو هڪ اوزار.

– **پکانٽُون، پکاڻُون پکاوان:** ذ. صفت. پکن جو ـ پکن مان ٺهيل ڪکاڻون گهر.

– **پکائي ج پکائي:** ذ. صفت. پکن وارو. پکا ٺاهي وڪڻندڙ.

– **پکو اَڏڻ:** پکن مان اجهو اڏڻ ـ ڪکاڻين جهڳي اڏيل. رهائش اختيار ڪرڻ.

– **پکو اَڏي ويهڻ:** بد پيشي جو اڏو ٺاهڻ (عام طور بدپيشي عورتون شهر کان ٻاهر ڪکاڻون عارضي اجهو ٺاهي ويهنديون هيون).

– **پکي ڏَنڊ (ڪ):** ذ. ٽورو مينهن ـ گندي، ٻسال ـ ڪيڙا پوسُ ـ سنهي ٻُوند ـ سنهي قَرَ قَرَ.

– **پکي ڏُنڊ پَسڻ:** ٽورو مينهن وسڻ. سنهي ٻُوندَ پوڻ.

– **پکي راجُ (ت):** ذ. صفت. غريب ماٿهو (جن جا ڪکاوان گهر هجن. جهوپڙي، وارا ـ جهوپڙين ۾ رهڻ وارا.

• **پکو ج پکا:** ذ. پاڳو ـ حصو. ونڊ ـ ورهاست. گهڻن ماٿهن مان ڪنهن هڪ ماٿهو جي ڪٽي ذريعي چونڊ. (قسمت موجب ورهاست ڪرڻ جو اڪثر اهو طريقو آهي جو نالا جٽڪين تي لکي، چٽڪيون ويڙهي انهن مان هڪ جٽڪي ڪڍجي).

• **ڪُٽو:** ڪُٽي وڃهڻ لاءِ نالي لکيل جٽڪي. صورتي ـ لاٽري. نصيب ـ پاڳ ـ قسمت.

– **پکو پوڻ:** ساعت چڙهڻ ـ پاڳ ورڻ. فائديمند ڪر ۾ وارو ملڻ.

– **پکو وجهڻ:** ڪُٽو وڃهڻ ـ نصيب آزمائڻ.

– **پکي پوڻ:** قسمت ۾ لکجڻ ـ نصيب ۾ اچڻ. "سُکن جي سيد چئي پکي آڻون نه پياس" (شاهه).

• **پکواج ج پکواجُون:** ث. ڏسو "پکواز".

• **پکواجي ج پکواجي:** ذ. صفت. پکوازي.

• **پکوڙ ج پکوڙون (ڪ):** ث. پکيڙ ـ ڪنبر. ويڪراڻ. ايراضي.

– **پکي ٽي وڃڻ:** آڏامي وڃڻ ـ پَرَ ڪري وڃڻ. تمام تکڙو هليو وڃڻ.

– **پکين ۾ بازُ پوڻ:** ڪنهن طاقتور جو هيٺن ۾ اچي پوڻ. ڏاڍن جو هيٺن ڪي ستائڻ.

• **پکيرَ:** ٿد پکيڙ.

• **پکيرڻ:** مصدر. پکيڙڻ. (پکيريو ـ پکيريندو ـ پکيريل).

• **پکيڙو:** اسر خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پگ ج پگ (ت):** ز. [سن. پدَ < پدْ = چلڻ] پَگ ـ پير.

– **پگانڪي (ث):** ث. پيراندي ـ پيرن وارو طرف ـ پيرن وارو حصو.

– **پگڙي:** ث. ڏاڪو (ڏاڪڻ جو).

– **پگڙيون:** ذ. پيرڙيون (آڏاڻي جون).

– **پگ پگ:** ظرف. پير پير تي.

– **پگرڪي:** ث. جُتي.

– **پگ موڙو:** ظرف. ٻيلي پير ـ اڻهن ئي پيرن تي.

• **پکا (ت):** حرف جر. لاءِ ـ واسطي.

• **پگانٽ (ت):** ث. وڏاڻ (هڪ لوهو اوزار).

• **پگھڙ (ت):** ث. پيڙهه ـ بنياد.
• **پگڻ (ت):** مصدر. پڄڻ ـ رسڻ ـ پهچڻ. (پگو ـ پگوڙو).
ـ **پگ آڇڻ:** اختيار هٿ ۾ آڻڻ. ذميداري آڻڻ.
ـ **پگ ٻڌائڻ:** وڏيرپ يا سرداريءَ جو پٽڪو ٻڌائڻ ـ دستار ٻڌائڻ. انعام ڏيڻ. عزت وڌائڻ ـ عزت وارو بنائڻ. (كناية) عزت گهٽ كرائڻ بدقلمي كرائڻ.
ـ **پگڌار** ج **پگڌار:** ذ. صفت. پگ وارو ـ پگ ٻڌل. چگو مڙس. رئيس ـ سردار. وڏيرو ـ مهندار.
ـ **پگ لاهڻ:** پٽڪو لاهڻ ـ عزت لاهڻ. بي عزت كرڻ.
ـ **پگ لهڻ:** پٽڪو لهڻ ـ عزت لهڻ ـ بيعزتي ٿيڻ.
ـ **پگ هٺ هُٺ:** پاڻ جهڙو هٺ ـ جيئُن هٺ ـ برابر هٺ. عزت ۾ هڪ جيترو هٺ.
ـ **پگ هٺ ياري:** محاورو. تمام گهاڻي دوستي ـ سرڊيڻ واري دوستي.
ـ **پگوَر:** ذ. مٿي ۾ وارن جي گهُنڊي (جا بخت جي نشاني سمجهي ويندي آهي ۽ جيو وڃي ٿو تہ پگوَر واري پار كان پوء جو به پار ڇمندو سو پٽ هوندو).
• **پگ** ج **پگ:** ذ. [سن. پَدْ] پير. قدم. "پاء تيڏاهين پگ. ناهِ جيڏاهين نجهرو" (شاهہ).
ـ **پگ پائڻ:** پير پائڻ. قدم ركڻ. اڳتي وڌڻ.
ـ **پگ پگ:** ظرف. پير پورَ ـ پايات ـ تانگهو (پاڻي).
ـ **پگ نہ لڳڻ:** پير نہ لڳڻ ـ پتو نشان نہ پوڻ.
ـ **پگهي** ج **پگهي:** ذ. صفت. پيرو كندڙ ـ پيري ـ پيرادَرُ.
ـ **پگهاش:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ منگرو (Shark Fish).
• **پگهڻ (ل):** ث. منزل.
• **پگهر** ج **پگهر (ت):** ذ. نذر ـ نذرانو ـ پيٽا. باس طور ڏنل جانور وغيره. بخشش ۾ ڏنل كا شي. تحفو. كاسبي (كنپار. لوهار وغيره) كي شاديءَ جي موقعي تي ڏنل محنتاڻو. خوشيءَ جي موقعي تي ڏنل اُجرت يا انعام.
• **پگهرڪو (ل)، پگهرڪي (ت):** ذ. ث. (پيرن كي سنهالي ركڻ واري) جُتي.
• **پگهڙ** ج **پگهڙ:** ذ. [سن. پٽي] پٽڪو. وڏو پٽڪو. لڪل تماڪ جو ڇڳ.
• **پگهڙي** ج **پگهڙيُون:** ث. [سن. پٽْي] ننڍو پٽڪو ـ ننڍي پگ ـ پٽڪي. واٽين جي هڪ خاص قسم جي ٽوپي (جا اڇڙين مان نهي) عزت ـ آبرو. كنهن جاءِ يا دُكان جي قبضي وٺڻ لاءِ رشوت طور ورتل رقم.
ـ **پگهڙي ٻڌائڻ:** پگ ٻڌائڻ.
ـ **پگهڙي رُلائڻ:** بي عزتي كرڻ. بدنام كرڻ.
• **پگهڙيال (ت):** ذ. وڻ جو هڪ قسم (قيسوڙي جي وڻ جهڙي. جنهن ۾ پگهڙن جيڏا داڻا ٿين جي ڏاڍ طور كم اچن. خاص طور اُٺ كاٿيندس).
• **پگهڙيُون:** ث. [پگهڙي ج پگهڙيون] هميشہ جمع ۾ كم ايندڙ لفظ. هندن ۾ فوتي كي سازڻ بعد تئين ڏينهن جي هڪ رسم (جنهن ۾ برادري. فوتيءَ جي وارث كي پگهڙي ٻڌائي).
ـ **پگهڙيون ٿيڻ:** هندكي رسم. موجب فوتيءَ جي كائڏين كي مُردي سازڻ كان تئين ڏينهن تي پٽكا ٻڌائڻ جو كرياكرم ٿيڻ. نقصان ٿيڻ.
ـ **پگهڙيون ٿي وڃڻ:** سخت نقصان پوڻ. عزت ۽ مال پئي برباد ٿي وڃڻ.
ـ **پگهڙيون كرڻ:** نقصان رسائڻ. سُجو كرڻ. جُنيون كرڻ. سخت سزا ڏيڻ.
• **پگهڙي** ج **پگهڙيون:** (كچ) پگهن (پيرن) ركڻ جي جاءِ. جاڙهي.
• **پگهر** ج **پگها:** فعل. رسيو ـ پهتو. (ث) پگهي ج **پگهيُون**.
• **پگهه** ج **پگهه:** ذ. [سن. پتَرگُتَرَ] ٻيڙي كي كناري سان ٻڌڻ جو رسو. لنگر هٺڻ جو رسو. "پگهه كٽي پنڌ ٿيا، لنگر ناتاريون" (شاهہ).
ـ **پگهه پائڻ، ڏيڻ، هٺڻ:** ٻيڙي كي كناري سان ٻڌڻ ـ پٽڻ كرڻ ـ لنگر هٺڻ.
ـ **پگهه كٽڻ:** لنگر كٽڻ. ٻيڙو هاكارڻ ـ روانو ٿيڻ.
• **پگهار** ج **پگهارَ:** ذ. [پورجوگيز. پكا].
• **پگهار** ج **پگهارون:** ث. ملازم جي مهيني (يا مهيني جي كجهہ حصي) جو محنتاڻو ـ تنخواه ـ مشاهرو. ماهياني اُجرت.
ـ **پگهارو:** ذ. رِجائڻ جو كم.
ـ **پگهاري ڇڏڻ:** گاري ڇڏڻ ـ رِجائي ڇڏڻ.
ـ **پگهر:** ذ. پسينو.
ـ **پگهر ناري:** ساهي كٽڻ ـ ٿورو آرام وٺڻ.
ـ **پگهر جو پورهيو:** محاورو. پنهنجي بازن جي كمائي ـ پنهنجي محنت جو اُجورو. تكليف واري كمائي.
ـ **پگهر سُكائڻ:** ٿوري ساهہ ۽ پٽڻ ـ ٿورو آرام كرڻ.
ـ **پگهر ۾ ٻڏڻ:** پگهر ۾ شل ٿيڻ. ڪائي سبب پگهرجي وڃڻ ـ سخت پشيمان ٿيڻ.
• **پل:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اكثر ضلعي حيدرآباد ۾).
• **پل:** ث. مصدر. پلڻ مان اسم. كنهن كم كان پاڻ كي پلڻ جي حالت. جهلَ ـ روك ـ منع. پرهيز.
• **پل:** ث. گاهہ مان تيار كيل چِكَ.
• **پل:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو. پت شاهہ جي ويجهو هڪ مكان جو نالو.
ـ **پل ڇائڻ:** ٻيهر جي سكل تارين جا بن ڇائڻ ـ پُوري كڍڻ.

– **پلُ سوئڻُ:** آڏَ يا ڪڙيءَ ڪي اندران گاهه وغيره ڪڍي ڇڏڻ.
– **پلُ وڃهڻ:** پهرين جا ڏينگهه وڌي هڪ هنڌ سٽڻ يا گڏ ڪرڻ.
• **پلاڪ، پلاڪي:** ٿ. ويهڻ جو هڪ نمونو. ڏسو "پلڪي".
• **پلاسَ ج پلاس:** ذ. [سن. پلاشَ] وڻ جو هڪ قسم.
• **پلاس پاپڙي:** ٿ. پلاس وڻ جو بيج (دوا طور ڪم آڻجي).
– **پلاس:** ذ. ولائتي ٽاٽ (تلهو ڪپڙو).
• **پلالَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پلالَ ج پلالَ:** ذ. [سن. پلال دېلُ = سڪل گاهه] سارين جو سڪل گاهه – پراڙ. بيڪار گاهه.
– **پلالي پلالي:** ذ. صفت. پلالَ ڪُٽيندڙ. ڪوڙو. ڪمڪار.
• **پلانڈَ ج پلانڈا:** ذ. ڪپڙي وغيره جي ڪناري. پلوَ. داون دامن –جهولي. عوض – بدلو. ٻئي جي ذمي رهيل خطا يا وڏو ڏوهه (جنهن جو عوض ونجي). وهنوار.
– **پلانڈ آڇا ڪرڻ:** چورتڪارو پائڻ ـ نجات حاصل ڪرڻ – جند ڇڏائڻ – جان آزاد ڪرڻ – پاڻ ڇڏائڻ. (قرض، وهنوار يا ٻئي معاملي مان).
– **پلانڊ اٽڪائڻ:** ناتو ڳنڍڻ – رستو رکڻ. وهنوار رکڻ. هٿ اٽڪائڻ – جهيڙو ڪرڻ. ڪنهن ڪم جي شروعات ڪرڻ.
– **پلانڊ پڌڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم موجب گهوٽ ۽ ڪنوار جا پلانڊ پڌڻ.
– **پلانڊ پائڻ:** پلءِ جهلڻ – جهولي جهلڻ. سوال ڪرڻ. منٽ ڪرڻ – آزي ڪرڻ. مدد وٺڻ.
– **پلانڊ جهلڻ:** پلءِ جهلڻ – جهولي جهلڻ. سوال ڪرڻ. پاسو جهلڻ.
– **پلانڊ چوڙڻ:** پل ءِ آجو ڪرڻ – جند ڇڏائڻ. بي همٿي ڏيکارڻ.
– **پلانڊ ڏيڻ:** عيوضو پوري ڏيڻ – بدلو ڏيڻ. وهنوار ڏيڻ.
– **پلانڊ وٺڻ:** بدلو وٺڻ – ويرو وٺڻ – وهنوار وٺڻ.
– **پلانڊ وڃهڻ:** جهولي جهلڻ – سوال ڪرڻ. ڪنهن کان مدد جي گهر ڪرڻ. آزي ڪرڻ – منٽ ڪرڻ.
– **پلانڊي ج پلانڊي:** ذ. صفت. پلُنڊو وٺندڙ (راند. ملهه وغيره ۾).
– **پلانڊي ج پلانڊيُون:** ٿ. ڪپڙي جو پوڄڙ.
• **پلانڊيُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پلاءُ ج پلاءَ:** ذ. [سن. پُرياڄ] اٽ کي سنڀڻ جو سامان (پاڪڙ ۽ ٻيو سامان).
• **پلائيون (ٿ):** ذ. پلاءُ.
• **پلائڻ:** مصدر. شطرنج جي اصطلاح ۾ مُهري کي هلائڻ.
– **پلاءِ ڇڏائڻ:** اڄايا ٻهڙ ٻڌائڻ – وڏيون رٽون رٽڻ – خيالي منصوبا ٺاهڻ.
– **پلاهه، پلاهه جيري:** ٿ. گرم مصالحي جو هڪ قسم (خوشبودار مصالحو جو پلاهه ۽ وڇجي).
• **پلٽارَ ج پلٽارُن (ٿ):** ذ. ڏوڙ. ڇهل قدمي. ننڍڙو ڇڪر. ڇمڙو (ميار ناهڻ لاءِ).
– **پلٽار پوڻ:** مصيبت پوڻ. ڏورون پائڻ.
• **پلٽارڻ:** مصدر. ڇمڙي جو ميار ٺاهڻ (تلوار لاءِ).
• **پلٽر:** ٿ. برابري – مُساوات. هڪ جهڙي روهاست.
• **پلٽرَ ج پلٽرَ (ٿ):** ذ. وڃائڻ لاءِ ڇنڊ رلي ڳوڙ وغيره.
• **پلٽرڙ ج پلٽرا (ٿ):** ذ. ڇمڙي جو ميار.
• **پلٽَ (ٿ):** ٿ. پلٽي.
– **پلٽر:** ذ. صفت. پلٽي هڻي ويهندڙ. ڇڇر – بيهودو.
• **پلٽارَ:** ٿ. جاڄ – ڇڪاس. ٻڇا ڳاڇا – آڏي پڇا. اُپتار – پتارَ.
• **پلٽوج پلٽا:** ذ. ڪاڻي يا تلوار هٿ ۾ ڪٽي ان کي ڦيرائڻ ڏيڀي راند. پلٽي بازي – تلوار بازي. ورزش جي راند جو هڪ قسم – ڪوازَ.
– **پلٽو ڪيڏَڻ:** پلٽي راند ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ – حرڪت ڪرڻ. ڏکي وڃڻ. دلبو ڏيڻ.
– **پلٽي بازَ ج پلٽيبازَ:** ذ. صفت. پلٽو راند ڪندڙ – پلٽو کيڏندڙ – تلوار باز. اٽڪلي – چالاڪ. ڦرٽو گهرٽو. ڦيرائي گهيرائي پنهنجي ڳالهه منهن ڪرڻ وارو. نمونو سان ڪم ڪڍي ويندڙ. شعبدي باز.
– **پلٽي بازي:** ٿ. تلوار بازي. چالاڪي.
• **پلٽيِ ج پلٽيُون:** ٿ. ويهڪ جو هڪ نمونو. تنگون پڇي ويهڻ جي حالت.
– **پلٽي مارڻ، پلٽي ماري ويهڻ:** جوتون پڇي ويهڻ. آرام سان ويهڻ. خوش ٿي ويهڻ. ٻئي جي حق مان ڪجهه غصب ڪرڻ (ٿ).
• **پلٽنَ، پلٽنِ ج پلٽن، پلٽنيُون:** ٿ. [انگ. Battalin] فوج – لشڪر – سپاهه. ملٽري. فوج جو جٿو. سپاهه جو دستو.
– **پلٽن جاڙهڻ:** لشڪر جاڙهڻ – حملو ڪرڻ – ڪاهه ڪرڻ.
• **پلٽنڻ:** مصدر. [پرا. پلٽَ: سن. پُرلوٹَ] ڏاڙو ڳاري سانچي يا ڪارب ۾ وجهڻ. اوتڻ – هارڻ – پيٽڻ. ڪنارن تان اٽل ڪائڻ (پاڻي). موٽڻ – ورڻ. اُٽلڻ (پلٽيو – پلٽيندو – پلٽيل).
– **پلٽ:** ٿ. ڏاڙو ڪي ڳاري ڪنهن سانچي ۾ وجهڻ جي حالت. اوت پيٽ. اَٽلَ (پاڻيءَ جي). ڦيرو – موٽ. تبديلي – چڪر.
– **پلٽجڻ:** مصدر. "پلٽڻ" مان فعل مجهول. اٽلجڻ (پاڻي). هارجڻ – اوتجڻ. ڳريل ڏاڙو جو قالب ۾ پوڻ. موت ڪائڻ (پلٽيو – پلٽيو – پلٽيل).
– **پلٽجي پوڻ:** اُٽلي پوڻ (پاڻي يا ماڻهن جو). ڪنهن تي سموري

ڪاوڙ هارڻ. زوردار حملو ڪرڻ. زوردار تقرير ڪرڻ.

– **پلٽ ڪرڻ**: ڳارڻ – رڃائڻ (ڏاڍو وغيره).

– **پلٽو ج پلٽا**: ذ. موت – قيرو – اَڏل.

– **پلٽو ڪائڻ**: قيرو ڪائڻ – قري وڃڻ. موٽڻ.

– **پلٽو هڻڻ**: تاڻ هڻڻ. ابتي ڳالهه ڪرڻ.

• **پلٽِل**: ظرف. گهڙي، گهڙي ـ ڏري ڏري – هَرهَر – پَلَڪَ پَلَڪَ ۾.

• **پلِٽيل**: ذ. [ف] فلفل – مرچ.

• **پلِٽيل**: صفت. نرم – ڪُنڌرو – ٿهولڙو.

• **پلِجڻ**: مصدر. 'پلڻ' مان فعل مجهول. نپجڻ. پرورش ۽ ٽيڻ. تربيت ملڻ. هٿي وڃڻ. (پلبو – پلبو – پليل).

• **پلَرُ، پلَرَ**: ذ. [سن. پَلَوَلَ] ميڻهن جي پاڻي، جو تلاءِ. ميڻهَن جو پاڻي.

• **پلَرُ**: گاهه جو هڪ قسم.

• **پلِرڻ** (ف.ڪ): مصدر. گِرڻ (پاڻي، ۾). پکڙڻ.

• **پلِڙو ج پلِڙا**: ذ. ٻيڙ جي وڻ جي ڦري. 'پلو' جو اسر تصغير – ننڍڙو پلو. (صفت) سنهڙو – اَپرو.

– **پلڙا ڇونڊائڻ**: حقير ڪم رڌڻ. بدحواس ڪرڻ.

• **پلَسٽَرُ ج پلَسٽَرَ**: ذ. [انگ. Plaster] ليپ – ملهم وغيره لڳل ڪپڙو. ليپو – راڳو. (صفت) لَٿ – بدمعاش.

• **پلَشاهِي**: ذ. شاهي بَنْدَ – بَنْدَرَ.

• **پلَڪَ، پلَڪُ ج پلَڪ، پلُڪ**: ذ. اک جو ڇَپَرُ – ڇپرُ – پنبڻي. اک ڇنب جو وقت – پلُ – ڪِنُ. رباب جي وڏي جو ڪپڙي مان ٺهيل ڏَڪُ (ڪ) – چولي (ل).

• **پلُڪارَ ج پلُڪارُون**: ث. [ف. پُرڪار] جاميٽري جو هڪ اوزار (هن قسمن جي ٽئي، هڪ ونڊڻي پلڪار، ۽ بي گول ڪِدڻ جي ڪم آڇي). جَنڊِ، جي ڪم جو هڪ اوزار.

• **پلَنگَ ج پلَنگَ**: ذ. [سن. پَرْيَنْڪ] ڪٽ جو هڪ قسم – وڏي ڪَٽ – ڇپر ڪَٽ. [ف] شينهن جو هڪ قسم – چيتو.

– **پلنگ توڙ**: ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو گهر ۾ سمت ٽيو پيو هجي. ڪاهل – نوتي. امساڪ جي هڪ دوا.

– **پلَنگَ پوش**: ذ. پلنگ تي وڇائڻ جي چادر.

• **پلَنگُ**: ذ. [سن. پُلِنگ] مذڪر (جنس).

• **پلَنگو**: اسر خاص. تعلقي ڪپڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلَوَ** (ث): مصدر. هلڻ (نازسان). موهڻ.

• **پلَوَ ج پلَوَ** (ت): ذ. ڏسو "پالو".

• **پلو ج پلا**: ذ. مڇي، جو هڪ قسم (سمند يا ڪاري جي واهڙن جي مڇي جا آبڪلاڻي، ۾ درياءَ ۾ چڙهي ۽ مني پاڻي، ۾ اچڻ ڪان پوءِ نهايت لذيذ ٿئي. ب. قسم ٽين: هڪ ڪيرو ٻيو آنيارو). ٻُهه يا انُ رکڻ لاءِ تڏن مان ٺهيل گُندي، جهڙي جاءِ.

– **پلو ڪانڊيڻ**: پلي ڪي سُٽي سان مارڻ.

• **پلوَ (ث)**: ذ. ٻيڙ جا سڪل پن (اُٺ جي چاري لاءِ ڪم اچن).

• **پلوار**: ظرف. جلدي – جهٽپٽ. "وصل ۾ آهي وسوارو، نه هلندو زور حاڪم سان. مگر اُن جي اڳيان 'احمد' پلوَ پَلوار پايو ٿي" (احمد ملاح).

• **پلوَڙ**: اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلوِر (ل. ث)**: ذ. ڏوَ – سَيري – پيٽ پرجڻ جي حالت.

– **پلوِر ڪرڻ**: ڏوَ ڪرڻ – پيٽ پرڻ. ضرورت حيترو حاصل ڪرڻ.

• **پلوڙ ج پلوڙ** (ت): صفت. ڀالبل – هُشالو. هيرابل. متارو – ٽُلهو.

• **پلُونڊڙو ج پلُونڊڑا** (ڪ): صفت. اُلتو – اَبتو. (ذ) ڏَبُ.

• **پلُونگڙو ج پلُونگڑا**: ذ. پلي، جو ٻچو – پلُونگڙو.

• **پلوهڻ** (ڪ): مصدر. ڪوٽي اڇڻ – سڏي اڇڻ – پاڻ سان وٺي اڇڻ. سنڀرائي آڻڻ. (پلوهيو – پلوهيندو – پلوهيل).

– **پلُويڙو ڏيڻ**: گهر يا ڇت جي چوڌاري پٽ ڏيڻ. گاڏي، جي ٻاهران پردي لاءِ ڪپڙو ٻڌڻ.

• **پلهه**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

• **پلهه (ل)**: ذ. ڪاٻار جو رسو.

• **پلهها**: اسر خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلهار (ث)**: ڪتر (گيهه) – وسڻ – آڪر.

• **پلهاڻو ج پلهاڻا**: ذ. ڪپڙو جو هڪ قسم (جو ڪنهن ڪم يا خاص وقت تي ڳائجي. جيئن هاري ان ڳاهيندي جهونگارينداتہ "هلر هلي. هلي ملهي". يا ڪجهين پرڇائڻ وقت باغباني پرڇائي ڏيڻ ۾ جيڪي بول چون. ٻارن جي ڪن خاص سالن سوٽن وقت زالون جيڪي بول چون.

• **پلهر ج پلهر**: ذ. مينهن جي پاڻي، سان پريل تلاءِ. پلَرُ ڏسو "پلر".

• **پلهڻ ج پلهڻ** (ڪ): ذ. ڪاٻار يا رسي جو ويڙهه.

• **پلّه، پلّهُ، پلهُو ج پلّو**: ذ. [سن. پلّو] ڪپڙي جي ڪنار – پاند. پلاند. ڇيڙو – چوڇڙ (ڪپڙي جو). جهولي – دامن. پڙ (ساهمي جو). پاسو – طرف. عوض – بدلو. ڪورين جي اصطلاح ۾ آئيل ٽان.

– **پلّو آڻا ڪرڻ**: جند ڇڏائڻ. آزاد ٽيڻ. ليکو صاف ڪرڻ. تعلق توڙڻ. معاملي يا وهنوار مان جان آجي ٽيڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ اٽڪائڻ:** پاند اٽڪائڻ – واسطو رکڻ. سگهندي ڪرڻ. حصيداري ڪرڻ. وهنوار ۽ ڳڏجڻ.

– **پل ۽ پلوُ اُٽڪڻ، آوُڻ:** پلاند اٽڪڻ – هٿ اٽڪڻ. تعلق ۽ اڇڻ. ميٽي مائٽي ٿيڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ ٻڌڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم ۽ گهوٽ جي ريٽي ۽ ڪُنوار جي پوٽيءَ جا پلاند هڪٻئي ۾ ٻڌڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ پالهارڻ:** پلاند خالي ڪرڻ – هَوَ ڇڏڻ. پلاند آجا ڪرڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ پالهو ڪرڻ:** پاند آجو ڪرڻ – آزاد ٿيڻ. جند ڇڏائڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ پائڻ:** جهولي جهلڻ (ڪجهه گهرڻ لاءِ) ڪپڙو جهلڻ. سوال ڪرڻ – خيرات گهرڻ. پلاند وجهڻ. عاجزي ڪرڻ – منٿ ڪرڻ. آسيس ڪرڻ. قسم کڻڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ جهلڻ:** پلاند جهلڻ – جهولي جهلڻ. منٿ ڪرڻ. سوال ڪرڻ.

– **پلّوَ ڇيرا وجهڻ:** پلاند وجهڻ. ننگ واسطا وجهڻ. منٿون ڪرڻ – عاجزي ڪرڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ ڏيڻ:** پلاند ڏيڻ – عوض ڏيڻ – بدلو ڏيڻ. حساب ڏيڻ – وهنوار ڏيڻ. ملهه جي اصطلاح ۾ هڪڙي ملهه ماريل پهلوان سان ٻي ملهه ڪرڻ. (شاديءَ جي هڪ رسم يا پيڻ جو گهوٽ کي گنديءَ سان ڏکڻ. رن زال جو پرٽجڻ. ڏيئر کي پلوءَ ڏيڻ – ڏيئر سان نڪاح ڪرڻ (ت).

– **پلّ ۽ پلوُ ڪرڻ:** پلاند ڪرڻ. رهيل حساب چڪائڻ. ٻي ملهه ڪرڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ لاهڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ سڄي تاجي (۳ تاڪيا) اُتي لاهڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ لڳڻ:** پلاند رهيل هڻڻ. وهنوار لڳڻ. حساب ڪتاب باقي هڻڻ. سام ٻوڙ. حقّ يا حصيداري هڻڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ ونڻ:** پلاند کان جهلڻ – دامن جهلڻ. عوض ونڻ – بدلو ونڻ. ويرَ ونڻ. وهنوار ۽ رهيل حساب چڪائڻ.

– **پلّ ۽ پلوُ هڻڻ:** ڪجهءَ جي اصطلاح موجب وڻ مان ڏونڪا لاهي ڪپڙي ۾ صاف ڪرڻ.

• **پلّ، پلّئِ، پلّي، پلي:** ظرف. پلّءَ ۾. جهوليءَ ۾. حوالي – ذمي.

– **پلّئِ، پلّئي، پلي پوڻ:** پلّءَ ٻوڻ. جهوليءَ ۾ ٻوڻ. هٿ اڇڻ. حاصل ٿيڻ. حصي ۾ اڇي وڃڻ.

– **پلّئِ لڳڻ:** زالن جو هڪٻئي کي پاڪر وجهي روئڻ (ڪنهن عزيز جي وفات تي).

– **پلّئِ وجهڻ:** ٻناري وجهڻ. سام ۾ ڏيڻ – اڇهي ۾ ڏيڻ – حوالي ڪرڻ. ونڊي ڏيڻ (حق).

• **پلّي:** ث. مٽرن جي وَل. ڇڻن يا مٽرن جا پن (جي پاڇي طور استعمال ٿين. اهي پن سڪائي ٻ رکيا ويندا آهن). (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلّي ج پلّيون:** ث. اَنّ رکڻ لاءِ ٽوڪي مان ٺهيل گنديءَ جهڙي وڏي جاءِ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چمڙن سان. رنگ اڇو. پلي وانگر جمڪندڙ. قد ۱ – ۴ انچ). ڪجهءَ جي ڦرهي جي ٻچڙي (ڪ).

• **پُلي ج پُلَيُون:** ث. [انگ. Pullay] ڪُپي – ٻوڙ – ڇرخي.

• **پليٽ:** صفت. [ف. پليد] ناپاڪ – نجس – اَپوتر. گندو – ڪنو – خراب – جُتيل.

– **پليتائي، پليتي:** ث. ناپاڪائي – نجاست – گندگي. چوپ.

• **پليتو ج پليتا:** ذ. [ف. پليتَه. پليتَه = ڏيئي جي وَٽ؛ ع. فَتيلَة < فتلَ = وَٽڻ] وَٽ (ڪاغذ يا ڪپڙي جي. ڪاغذ تي لکيل تعويذ يا دعا (جا جنّ پوت ڪيڏ ۽ نُحُوست تارڻ لاءِ سازي آهي). آتشبازيءَ جو هڪ قسم. بندوق جو لٽو – بارود پريل ٽوپي (جا بندوق جي مُکوءَ تي رکبي آهي) – جامڪي. "توفون ۽ گرزا گڙيا. ڪي پليتن پاهه" (راجن شاهه).

– **پليتو لاڻڻ:** پاهه هارڻ – جهيڙو مڃائڻ. فساد برپا ڪرڻ.

• **پليتَڻ:** ذ. سَڪل انو (جو ماني پچائڻ وقت ڳوهيل اٽي کي ٽاڻڻ سان لڳڻ کان بچائي) – آٽڻ.

• **پليٽ ج پليٽون:** ث. [انگ. Plate] ٽالهي – رڪيبي – بنگاري.

• **پليٽ فارم:** ذ. [انگ. Platform] ٽلهو (جو تقرين وغيره لاءِ ڪم اچي). مشاهين جاءِ. ريلوي اسٽيشن جو وڏو ويڪرو ٽلهو. (جنهن جي پرسان گاڏي اچي بيهي). خاص ٽڪيٽ.

• **پليپوتا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پليجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. گمبٽ ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پليجاڻي:** اسر خاص. هالا ۽ ميرپور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پليڊ:** صفت. [ف] ناپاڪ – نَجَسُ – اَپوتر – پليت. گندو. ڪنو.

• **پليگ:** ث. [انگ. Plague] وڏندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪَڇ يا ڳچيءَ ۾ ڳوڙهي نڪرندي آهي).

• **پليو ج پليا:** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (حرام پکي. رنگ جو ميرو. سرڻ جيڏو ۽ جهڙو).

• **پليو ڪلهوڙو:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پليٽو (ٽ):** ذ. وڇائڻ لاءِ ڳوڻ جو ٽڪر – ٽپڙي.

• **پُمْبرُ ج پُمْبرَ (ڪ):** ذ. ٽوهر جو گل.

• **پمْپ، ج پمْپَ:** ذ. [انگ. Pump] زمين مان پاڻي ڇڪي ڪڍڻ جو

ٽل: هوا يرڻ جو اوزار (تيورين ر).

• **پنِ**: ث. گاهه جو هڪ قسم (بيٽل پائيءِ ۽ ٽئي هن جي ٻوٽن مان تڏا، ٽوٽريون. پکا ۽ رڄ کي تارڻ لاءِ ٽَرها وغيره ٺهن. سنگن منجهان هوراني يا ٻوري ٺهي).

• **پنْ ڄ پنْ**: ذ. [سن. پَرْنْ] پَنَ – پتو. (وڻ، دل، ٻوٽي وغيره جو) پنڪڙي (گل جي) – ورق. حفاظت – اُمان. لڄ – پت.

– **پنْ رکڻ**: ڍڪ ڍڪڻ – پردو رکڻ. عيب ڍڪڻ.

– **پنْ کٽڻ**: ظاهر ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ. عيب اُگهاڙڻ – ڏٽو ڪرڻ – خوار ڪرڻ.

– **پنْ لاهڻ**: عيب اُگهاڙڻ. ڳجهه پڌرو ڪرڻ.

• **پنْ**: ث. [سن. پنْدَ = جانورن جو لپوڙو، جو خيرات طور ڏجي] ـ ٻيڪ – گداگري. دانَ – ٻڪيا. خيرات. گهرَ – سوال.

• **پنْ سنْ**: ث. گداگري – خيرات. پنڻ جو ڏنڊو.

• **پنِ ڏنگ**: ث. پنِ سنْ – گداگري – خيرات.

• **پنْ ڄ پنْئون**: ث. [انگ. Pin] ڪاغذن کي ڳڏي رکڻ لاءِ خاص قسم جي لوهي. تاڄني.

• **پنْ ڄ پنَ**: ذ. [سن. پنْدَ < پنْدْ = گڏ ڪرڻ] پنوڙو (مٽيءِ، گاري وغيره جو) – ڳنڍيو. جاٿو (مڪن وغيره جو) – ٽيرو. زنب – ڳوڙهو.

• **پنْ ڄ پنَ**: ذ. [سن. پُنْيَ < پو = پاڪ ٿيڻ] خير جو ڪم – نيڪ ڪم – پڄ. دانَ – خيراتہ دانَ.

– **پنْ ڪرڻ**: خير جو ڪم ڪرڻ. خيرات ڪرڻ. ثواب ڪَٽڻ.

• **پنْ آپڙيو (ث)**: ذ. زهري جيت جو هڪ قسم.

• **پنا (ث)**: اسم خاص. ميڱهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پٻا**: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پناڻي ڄ پناڻيَون (ل)**: ث. صفت. پلي نسل جي (گهوڙي وغيره).

• **پنارُ ڄ پنارَ (ڪ)**: ذ. ٻيڙيءِ مان پاڻي ڪڍڻ جو نيسارو.

– **پناري**: ظرف. آسري – پروسي. پناهه ۾ ـ آجهي – سامهر.

– **پناري پوڻ**: آجهي اچڻ – پناهه ۾ اچڻ – سامهر پوڻ. لڙهه لڳڻ – آسري لڳڻ.

• **پناهَ**: ث. [ف] اَمانَ – آجهو. بچاءِ – حفاظت. مرڪب لفظن جي آخر ۾ پڻ ساڳي معنيٰ سان ڪم اچي "عالم پناه. شهر پناه. پناه وغيره" آڏ – جهل. پردو – ڍڪ.

– **پناهه ڏيڻ**: آجهو ڏيڻ – امان ڏيڻ. حفاظت ۾ رکڻ (مصيبت يا تڪليف کان). پردو ڏيڻ.

– **پناهگيرَ ڄ پناهگيرَ**: ذ. صفت. آجهو وٺندڙ. ڪنهن ملڪ کان ظلم سبب لڏي آيل – مهاجر – شرنارٿي.

• **پناه آباد**: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پناه جي ڙائي**: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پناه شجراه**: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پناهي ڇڏڻ**: سُجو ڪرڻ – پاڻي پائيءِ جو محتاج ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. رلائڻ سيکٽ ڏيڻ.

• **پنائتو**: صفت. پني وارو – پڻي جو. قداور – ڏيک ويک وارو. هاڻي وارو – قداور. سهڻن صاروفن وارو.

• **پنْبڻ**: مصدر. خوش ٿيڻ. خوشيءِ مان بانهون آڀلڻ – بغليون ٽوڪڻ. ٽپڻ – ڪڏڻ. نچڻ. وڏائي ڪرڻ – آڪڙ ڪرڻ. تڪبر ڪرڻ (پنبڪير – پنڪيندو – پنڪيل).

• **پنْبڻ ڄ پنْبڻ**: ذ. [سن. پڪشَرَ] چِنْبَرُ – پنجهَرُ – پَلَکُ – چِيرُ – پنْبِڻِي.

• **پنْبڻي ڄ پنْبڻيُون**: ث. پلڪُ – چنبرُ. منگر مڇيءِ جو هڪ قسم (منهن ۽ پڇ سنهون. رنگ ميرانجهڙو. گوشت نرم. ڏيگهه اڌ فوٽ کان ٻن فوٽن تائين).

– **پنْبڻيُون پير ڪرڻ**: اکين سان وڇڻ – ڏاڍيءِ سڪ ۽ محبت وڃائ پنڊ ڪرڻ. ڏاڍي چاهه جو اظهار ڪرڻ.

• **پنْبو، پنْبو ڄ پنْبا، پنْبا**: ذ. [ف. پنْبه = ڪپهه] ڪپهه جو ڏرو. ٽهي – هڪ هڪ. ڪپاهه صاف ڪرڻ جو اوزار – پيڇڻ. "عشق غلام شاهه آه آٽاگو – جيئن جيئن ملامت – تيئن تيئن تازو. پنبي وانگر پچاڙيندو" (غلام شاهه). ڪنهن به جنس جو سُلو اُڻ. خالص ڪڪ.

– **پنْبو ڪڍڻ**: جواب ڏيڻ. ڪوٽ ڏيڪارڻ – ڏيوالو ڪڍڻ.

– **پنْبو ڪڍي ويهڻ**: ڏيڻ ڪان صفا جواب ڏيڻ (قرض). انڪار ڪرڻ.

– **پنْبو ڪرڻ**: ڦري وڃڻ – سُجو ڪرڻ – پاڻهو ڪرڻ.

– **پنْبهه (ت)**: ث. هنيوڇي – پنْبي – ٽينگ ٽَپا – خوشيءِ مان ناچ.

– **پنبهه هڻڻ**: نچڻ ٽپڻ – هنيوڇي هڻڻ. اجايو وقت وڃائڻ – پنبي هڻڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ – بغليون هڻڻ.

• **پنْبهي ڄ پنْبهيُون**: ث. ٽپ – ٽينگ (ناچ ر). هنيوڇي – پنبهه – پنبي.

– **پنْبهي، پنْبهيُون هڻڻ**: تمام گهڻو خوش ٿيڻ – بغليون ٽوڪڻ – ڪڳيون هڻڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ.

• **پنْبي ڄ پنْبيُون**: ث. ناچ جو هڪ قسم – پنبهي. مار – جهڳور (ت). سنگ تي اڇي ٻهي (ث).

– **پنْبيون هڻڻ**: ٻارڙي جو خوشيءِ وڃان بانهون هڻڻ. تمام گهڻي خوشي ڪرڻ.

• **پَنبي:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پَنڊُ** ج **پَنڊَ:** ذ. [سن. پَنْڊ < پَڊ + وڃڻ] واٽ – رستو – دڳ – مارگ. طريقو –سليڪو. ڪنهن ڏرمي آڳواڻ جو اختيار ڪيل عبادت يا پوڄا پاٽ جو خاص طريقو. ڪنهن خاص ڏرمي طريقي جو پوئلڳن جو گروه.

• **پَنْجَ:** عدد. [سن. پنچ؛ ف. پَنْج] هڪ عدد – چار ۽ هڪ (۵).

– **پَنْجادُن پنجاڏُوئي:** ث. بٽئي جو هڪ نمونو (جنهن ۾ راهڪي ياندي جو ورهاڱو ٽيندو آهي. زميندار کي ۲ حصا ۽ هاريءَ کي ۳ حصا ملندا آهن) – پنج سمي (ت).

– **پَنجَ اَرڪانَ:** ذ. اسلام جا پنج بنيادي اصول (ڪلمو، نماز، روزو، حج، زڪواة).

– **پنج اَشنائي:** ث. پنجن عضون کي ڏوئڻ (جنهن ۾ مُنهن، ٻ هٿ، ۽ پير ڏوئجن).

– **پنج اشنائي ڪرڻ:** هٿ مُنهن ڏوئڻ.

– **پنج اَگرو** ج **پنج اَگرا:** ذ. پنجن سالن جي عمر جو سَوڙَ (جنهن جا وَڄ پنجن آڱرين جي ماپ جا هجن).

– **پنج انگشت:** ث. پنج آڱريون.

– **پَنجَت:** ث. پنجن ڇڻن جي ٽولي – پنجايت.

– **پنج تَتَه:** ذ. پنج شيون – پنج عناصر (هوا، ٻاهه، پاڻي، مٽي، آڪاس).

– **پنج تَنْ:** ذ. پنج متبرڪ هستيون (حضور پاڪ ص. حضرت علي ڪرم الله وجه. حضرت بيبي فاطمه (ع)، حضرت حسن (ع)، ۽ حضرت حسين (ع).

– **پنجتُول، پَنجَ تُورَ:** ذ. پنجن قسمن جي نشيدار شين مليل گهوٽيل پنگ. نغارن يا توبت جو واڄو جنهن ۾ پنجن ڇالن جو واڄو وڄي.

– **پنجپايُ:** ذ. ڪيڪڙو (جنهن کي پنج پير ٿين).

– **پنجپٽي:** ذ. صفت. پنجن پٽن وارو پٽابٽي ڪپڙو (زنانين سُٿڻ لاءِ ڪم اچي).

– **پنجَ پنجُوءِ وارا ڪنائي رهڻ:** پنجوءِ جا پنج روپيا هميشه ڪنڀ هجڻ. سدائين پٽسي جي ڪوٽ هڻڻ – هميشه تنگ دستي هڻڻ.

– **پنجڏي پنجلڙي:** ذ. ڏسو "پنجاڏو". پنجن منجهان ٻه حصا زميندار کي ڏيڻ واري بٽئي.

– **پنج رَقمي:** ث. رياضي جو هڪ اصول (جنهن ۾ پنج رقمون مليل هجن ۽ انهن جي ذريعي ڇهين رقم ڪڍي وڃي).

– **پنج روزه:** ذ. صفت. پنجن ڏينهن جي مدت وارو، ٿورن ڏينهن وارو – عارضي، بي بقا – فاني.

– **پَنجڙي:** ث. ڍاري راند ۾ ڪنيل پنج داڻا.

– **پنج سالُ پنج سالو:** ذ. صفت. پنجن سالن عمر وارو (گهوڙو).

– **پَنجَ سَري** ج **پَنجَ سَريُونْ:** ث. پنجن سَرَن واري ڏُهري.

– **پَنجَ سَمي (ت):** ث. ڏسو "پنجاڏو".

– **پنج سنائي:** ث. مُنهن، هٿ، پير ڏوئڻ جو ڪم. مختصر وهنجڻ.

– **پَنجَ سَنْجي:** ث. گهوڙي کي سنجڻ جو سامان. گهوڙي جا چاندي يا سون جا پنج سنج ۽ گهه: (سينا بند، جهاپي سان طوق، طوق جي پرسان ڳاڻي (سنهو پٽو)، مُڇي ۽ ڏُنبڇي).

– **پَنْجَسُو:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي تاڃي ۾ ۵۰ ڏاڪا هجن).

– **پَنْجَڪ، پَنجِڪ:** ذ. نڪت جا پويان پنج تارا (جن متعلق چيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن اهي تارا ڪنهن جي گره سان شمال هجن ته ان جي قسمت کوٽي سمجهي ويندي). اٺاويهن نڪتن مان پويان پنج نڪت (ريواتي، اَترا ڦالگڻي، رابدار پد، رشاڏا ۽ ڏنش – جي منحوس ليکيا آهن).

– **پنج کلياڻ:** ذ. اهو گهوڙو جنهن جا چارئي پير اڇا هجن ۽ مُنهن تي بانو يا ٻولهه يعني اڇو نشان هجيس.

– **پنج کُنڊو** ج **پنج کُنڊا:** ذ. جاميٽري جي اصطلاح موجب پنجن کُنڊن واري شڪل (جنهن جا پنج پاسا ۽ پنج ڪنڊون هجن).

– **پَنجَ ڪَڻي:** ث. پنجن قسمن جو اَنّ (جو در در تان خيرات ۾ ملي). خيرات –يڪيا– ڏان. "پنج ڪَڻي مِهر گهٽي." (جوڻي).

– **پَنجڪُون:** ث. هر ٽمري مهيني جون پهريون ۽ پويون پنج تاريخون (جيڪي ڪنهن به ڏنڊي شروع ڪرڻ لاءِ منحوس سمجهيون ويندیون آهن ۽ جن موت لاءِ ٻڌ بدسورڙ واريون ڪري ليکيون ويندیون آهن).

– **پَنج ڪَڻي (ت):** ذ. پَرت جو هڪ قسم (جنهن ۾ پنج ڪَڻَ سِتيل هجن).

– **پنج گانه:** ذ. پنج وقت (نماز جا: فجر، ظُهر، عَصْر، مغرب ۽ عشا).

– **پنج گُلو:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي پنجن قسمن جا رنگين چِٽَ گُلَ هجن). ٻوٽي جو هڪ قسم (پن ست گُلي جهڙا گُل اڇا ۽ توتاڙي وانگر).

– **پنج مارُ:** ذ. هڪ ڏڪ سان پنج جڳا مارندڙ پهلوان (ڪنايةً) ڍڪتو گيدي.

– **پَنج مارُ** ج **پَنج مارُون:** ث. پنجن مارُين واري جاءِ.

– **پنج ماهو، پنج ماهي:** ذ. صفت. پنجن مهينن جو (فصل، ٻوور وغيره).

– **پَنج مورو:** ذ. اهو هنڌ جتان ڪنهن نهر يا واهه مان پنج شاخون نڪرن

ء پنج دروازا يا موريُون هجن. (اسر خاص) تعلقي هالا ۽ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

– **پنج ميل** (ت): ث. ڪجهه جو هڪ قسر. (جا ڪنهن خاص ذات مان نه هجي. پر پاڻ مرادو پيدا ٿي هجي).

– **پنج منڪل:** اهو مهينو جنهن ۾ پنج منڪل وارا ڏينهن اچن.

– **پنج نَد:** ث. پنج نديون: جهلم. چناب. راوي. بياس ۽ ستلج جو گڏيل وهڪرو ۽ انهن جي وهڻ وارو علاقو.

– **پنج نوبَتَ:** ث. بادشاهن جي در تي پنج وقت وڄندڙ واڄو. نقارن جو واڄو. جنگ جي ميدان ۾ وڄندڙ پنج ساز (ڍول. دمامو. طبل. دف ۽ ڪنڍ).

– **پنجَڻ:** ث. پنجن ڇڻن واري ڳڻن.

– **پنجو ج پنجا:** ذ. پنجن جو عدد – پنج. تاس ۽ پنجن داڻن وارو پتو. ڏاري جو پنجَن داڻن وارو داءُ.

– **پنج واڻي بَلا:** محاورو. هٿ چنبو. جيرندڙ ڦاڙيندڙ جانور (شينهن. چيتو وغيره). خوفناڪ جانور. بلا وغيره. (ڪنايةً) سڀڪجهه ڦڙڪائي ويندڙ. گهٽو ڳالهائيندڙ. چالاڪ

– **پنجوٽ:** ث. پنجون حصو. محصول جو هڪ قسر (جنهن ۾ ڪمائيءَ جو پنجون حصو ورتو وڃي).

– **پنجَ وِڪارَ:** ذ. پنج اوڳڻ (ڪام. ڪروڌ. لوڀ. موهه ۽ اهنڪار).

– **پنجون:** عدد قطاري. قطار ۾ پنجون نمبر.

– **پنجُوڻ:** ث. چار پيرا وڌيڪ هڻڻ جي حالت.

– **پنجُوڻو ج پنجُوڻا:** صفت. چار پيرا وڌيڪ (تعداد يا وزن. جيئن ۱ جي پنجوڻ ۵. ۲ جي پنجوڻ ۱۰ ۽ ۳ جي پنجوڻ ۱۵ وغيره).

– **پنجَئي آگرين برابر نه هڻڻ:** ماڻهو هڪجهڙا نه هڻڻ.

– **پنجَئي پورا ڪرڻ:** عبادت جا پنجئي وقت پورا ڪرڻ. اسلام جا پنجئي فرض پورا ڪرڻ.

– **پنجَئي تويا ڦٽڻ:** سمورو فائدو ٽپڻ. سڀ ڪجهه ڦٻي وڃڻ.

– **پنجَئي گيهه ۾ پوڻ:** گهٽو فائدو ملڻ. مفت جو مال ملڻ. دل جي خواهش پوري ٿيڻ. سڀ مرادون پوريون ٿيڻ.

– **پنجئي گيهه ۾ هڻڻ:** تمام گهٽو فائدو هڻڻ. پاڻ ورڻ. ڪم سولا ٿيڻ.

• **پنجي ج پنجيُون:** ث. تاس ۾ پنج داڻن وارو پتو.

• **پنْجَ:** ث. [س] ديو. گهٽائي. دوائن جي گهٽائي.

• **پنجاب، پنجاڀ:** اسر خاص. [ف. پنج + آب] پاڪستان جو هڪ صوبو (جنهن مان پنجن ندين جهلم. چناب. راوي. بياس ۽ ستلج جي وهڻ ڪري اهو نالو ٿيو).

– **پنجابي، پنجاڀي:** ذ. پنجاب جو رهاڪو. پنجاب جي ٻولي. (اسر خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **پنْجارِيلُ ج پنْجارِيلَ (ت):** ذ. جواڻيءَ وارو گهوڙو.

• **پنْجاسِي:** عدد شماري. [سن. پنچاشِيت] پنجن ايڪن ائن ڏهاڪن وارو عدد – اسي ۽ پنج (۸۵).

– **پنْجاسِيهُون:** عدد قطاري. جوراسيءَ کان پويون نمبر.

• **پنْجاڻَوِي:** عدد شماري. [سن. پنچوَت] پنجن ايڪن نون ڏهاڪن وارو عدد – نوي ۽ پنج (۹۵).

• **پنْجاڻ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنْجاهَ:** عدد شماري. [سن. پنچاشْتْ] پنجن ڏهاڪن وارو عدد (۵۰).

– **پنْجاهه پادر لاهي هڻڻ:** تمام گهٽو بچڙو ڪرڻ – سخت بي عزتو ڪرڻ. ڏاڍي سيکٽ ڏيڻ.

– **پنجاهون:** عدد قطاري ـ قطار ۾ پنجاهون نمبر.

– **پنجاهي:** ث. اٽڪل پنجاهه – پنجاهه جي لڳ ڀڳ – پنجاهه ڪن.

• **پنْجَتَ (ڪ):** ث. پنجن جڻن جي صلاح مصلحت يا ميڙ منڊ. پهٽ راضي ڪرڻ لاءِ حيلو – پرچائڻ لاءِ تجويز. "سي رڻ راجن شاهه ڪنهن پنجت سين پرچن" (راجن شاهه).

• **پنْجتولي:** ث. شريتائين ململ جو هڪ قسر.

• **پنْجَتِيهَ:** عدد شماري [سن. پنچْتْرِنْشتْ: پرا. پڻتِيسا] پنجن ايڪن ٽن ڏهاڪن وارو عدد. ٽيهه ۽ پنج (۳۵).

– **پنْجَتِيهون:** عدد قطاري. قطار ۾ پنجتيهون نمبر.

• **پنْجِرُو ج پنْجِرَا:** ذ. جل ديوتا جي شان ۾ هڪ قسر جو گيت (آدِيري لال جا اهڙا گيت "لال جا پنجرا" مشهور آهن).

– **پنْجِرا ڀائڻ:** ڪجهه ۽ حاصل نه ٿيڻ. مات ڪري ويهڻ.

• **پنْجِرِي:** ث. نندي ماتا – آرڙي.

• **پنجمر حصو:** اسر خاص. تعلقي ماتلي (ديري محبت) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنْجو ج پنْجا:** ذ. [ف. پنْجه] هٿ يا پير جي آگرين وارو حصو – چنبو – جَنگَل.

– **پنجي ۾ اچڻ ڦاسڻ:** گرفت ۾ اچڻ – قابو ٿيڻ – ڦاسڻ.

• **پنجُو:** اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنجُو آبَرُو:** اسر خاص. هندن جي هڪ ذات (آهوجا هندن جو پاڙو).

• **پنجُوجَن:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنْجوڙ ج پنجوڙ:** ذ. جهنگلي جانورن جي ڦاسائڻ لاءِ مُجَ يا ڪاٻار جو جار.

• **پنجوڙي ج پنجوڙيَون:** ث. جانورن جي پر ڪي ٻڌڻ لاءِ رسو يا چمڙي

وڍي (جنهن ۾ رکڙ واري ڳنڍ هجي جا پير ۽ قاسائجي).

• **پنڃو ڪنارو:** اسر خاص. تعلقي رتيديري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنڃو ڪوکر:** اسر خاص. تعلقي ڏوکري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنجولسودڙ:** اسر خاص. تعلقي رتيديري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنجوَنجاهُ:** عدد شماري. [سن. پنچپنچاشتْ] پنجن ايڪن ۽ پنجن ڏهاڪن وارو عدد – پنجاهَ ۽ پنج (۵۵).

• **پنڃوئي:** اسر خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنڃويهَ:** عدد شماري [سن. پنچِ تشتِ] پنجن ايڪن بن ڏهاڪن وارو عدد ويهه ۽ پنج (۲۵).

– **پنڃويهُون:** عدد قطاري جوويهن کان پوءِ وارو نمبر.

• **پنڃ:** ذ. [ف] تريءَ سميت پنج آڱريون – جنبو. قبضو – گرفت – پڪڙ.

– **پنڃهٔ ڪُشُ:** جنبو. ڏيندڙ. گوشت کائيندڙ (پڪي).

– **پنڃهٔ مريم:** ذ. گاهه جو هڪ قسم (جنهن تي هڪ روايت موجب حضرت بيبي مريم، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ڇٽڻ وقت جنبو هنيو هو).

• **پنڃهَتَرُ:** عدد شماري [سن. پنچسپْتَت] پنجن ايڪن ستن ڏهاڪن وارو هڪ عدد – ستر ۽ پنج (۷۵).

– **پنڃهَتريُون:** عدد قطاري. جوهتر کان پوءِ وارو نمبر.

• **پنڃهَتُ:** عدد شماري [سن. پنچششْتِ] پنجن ايڪن ڇهن ڏهاڪن وارو عدد – سٺ ۽ پنج (۶۵).

• **پنڃهَتُيون:** عدد قطاري. قطار ۾ پنجهٽيون نمبر.

• **پنڃيتاليهَ:** عدد شماري [سن. پنچچَتْوارِ نشتْ] پنجن ايڪن چئن ڏهاڪن وارو عدد – چاليهه ۽ پنج (۴۵).

– **پنڃيتاليهون:** عدد قطاري. چوئيتاليهين کان پوءِ وارو نمبر.

• **پنڃيُري:** ث. ويهر واري زال لاءِ ناهيل هڪ خوراڪ (جا عموماً پنجن شين مان تيار ڪئي ويندي آهي: ڏاڻا. انو. ڪنڊ. گيهه ۽ مغزيات). بيمار جي خوراڪ جو هڪ قسم.

• **پنڃَ ۾ پنڃَ:** ذ. [سن] هندن جي پنجات جو هڪ رڪن – پينڃ. ناهه ڪرائيندڙ – تياڪُ – آمين.

• **پنڃاتَ (ث):** ث. انر اولهه جي ڪنڊ کان لڳندڙ هوا.

• **پنڃاتَ، پنڃائتَ، پنڃايتَ ۾ پنڃاتون، پنڃائتون، پنڃايتُون:** ث. [سن. پنچايتَ < پنچ = پنج] پنجن ڇڻن جي جماعت (جا هندن جا نياءَ ۽ فيصلا ڪري). هندن جي مشاورتي مجلس. پائيچاري – برادري – نيابت.

– **پنڃاتي، پنڃائتيُ:** صفت. پنڃائت جو.

• **پنڃاري (ث):** ذ. چوپائي مال جي سڃاتپ جو هڪ نشان.

• **پنڃانگُ ۾ پنڃانگ:** [سن. پنچانگ] = پنجن انگن وارو. پنج انگ. تثيون – وار.

• **پنڃرُ ۾ پنڃر:** ذ. [انگ. Puncture] ٽنگ – سوراخ – چيرُ.

– **پنڃر ٽيڻ:** ٽنگ ٽيڻ – سوراخ ٽيڻ. ڦاٽي پوڻ. ٽيوب مان ٽنگ ٽيڻ ڪري هوا نڪري وڃڻ.

• **پنڃريُ:** ث. ٻيلي ۾ چوپائي مال چرڻ تي ورتل محصول.

• **پنڃرُ:** ذ. [سن. پنڃرَ] راڳ جي اصطلاح ۾ سرگم جو پنجون سُر "پا". هندول راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **پنڃمي:** ث. [سن. پنڃ] چند جي پنجين تاريخ – پنجيُن.

• **پنڃناڪُ ۾ پنڃناڪَ:** ذ. [سن. پنچنَک] شينهن.

• **پنڃوڙُ (ث):** ذ. مٺو – سر.

• **پنڃوڻي (ث):** ث. سسي – مَنڊي.

• **پنڃي ۾ پنڃي:** ذ. پکي.

• **پنڊ:** ث. [ف] نصيحت – مت ـ صلاح.

– **پنڊ پاڙڻُ:** صلاح تي هلڻ – نصيحت مڃڻ – چيو ونڻ.

– **پندگو:** صفت. نصيحت ڪندڙ – ناصح – هدايت ڪندڙ.

• **پنڊار:** ذ. [ف] خيال – غور – ويچار. غرور – تڪبر. فخر.

• **پنڊاراڻي:** اسر خاص. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **پنڊاسي:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (Half beak).

• **پندرَهُنْ:** عدد شماري. [پرا. پنْڍرھ: سن پنچدشَ] پنجن ايڪن ۽ هڪ ڏهاڪي وارو عدد – پنج ۽ ڏهه (۱۵).

– **پندرَهُون:** عدد قطاري. چوڏهن کان پوءِ وارو نمبر.

• جُتاءُ: ذ. جتاءُ – جاڻ – اطلاع.
• جَتائنْ: مصدر. [سن. ڊيوتَن = ڏيکارڻ] اڳ کيل نيڪيون ٻڌائڻ. واقف ڪرڻ – آگاهه ڪرڻ – جاڻائڻ. خبردار ڪرڻ – اشارو ڪرڻ –

ڏيان چڪائڻ – ياد ڏيارڻ.

• **جَسَرُ**: ڏ. صفت. سخت – ڏاڍو – کهرو.

• **جَتَڪُ**: اسم. خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **جَتَڪِي ج جَتَڪِيُون (ث)**: ث. جَتِي.

• **جَتَنُ ج جَتَنَ**: ڏ. [سن. يتْن] کوشش – حيلو – سعيو – آپاءُ – خبرداري – حفاظت – احتياط. سنڀال – تاڙ – پرگهور. تدبير – تجويز – علاج – دوا – ڍنگ – طريقو.

• **جَتَنَ ڪرڻ**: سخت کوشش ڪرڻ – حيلا وسيلا هلائڻ – ڏاڍو پاڻ پتوڙڻ.

• **جَتَنُ**: مصدر. لڳڻ – جَڙڻ – جَنبڻ – لڳڻ – (ڪم ڪي) – لڳي وڃڻ – جَنبي وڃڻ (ڪم ڪي) – ڳنڍجڻ – پيڙو ٿيڻ. "جَتو ون" جهاز. ڳڏيو غورايون سين". ڳنڍڻ – لڳائڻ – ملائڻ (شاهه). "هنير جَتنُ حڪمت سين. محبت من منجهارا" (سيّد هارون).

• **جَتَنِي ج جَتَنِيُونْ**: ث. پکريءَ جو تسر. جاتيءَ جي جَتن جي پکرين جو بُڻ.

• **جَتوئي**: اسم. خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. سيوهڻ. شڪارپور ۽ شهدادپور تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **جَتوئي چاچو**: اسم. خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **جتِي ج جَتِي**: ڏ. صفت. سيلوان – جتي ستي.

• **جتِي**: ظرف. [سن. ياوتْ. پرا. جيدَ هَـ] جنهن جاءِ تي – جنهن هنڌ.

• **جَتُو ج جَتا**: ڏ. ماڻهن جو ميڙ – ٽولو – ميڙاڪو – هجوم – انبوهه – لشڪر جو ڪجهه انداز. جماعت – گروهه.

• **جتِي**: ظرف. جتي – جنهن هنڌ – جنهن جاءِ تي.

• **جَتْ (ث)**: ث. ڏاس.

• **جَتَ ج جَتُون**: ث. جوتُ – ران – گوڏو – زانو – ٿڙ.

– **جَتَ پَتِن**: رانن تي هٿ هڻڻ. واويلا ڪرڻ – گوڏا پٽڻ. ڪٽالا ڪڍڻ.

• **جَتَ ج جَتْ**: صفت. [سن. يُكْتَ] جَت – پَت. ملتي – مليل – شريڪ – پَت – شامل – ڪَڍ – صلاحي – صلاحڪار – سائي. هاڙهي – پيڃي – جوڙيوال.

– **جَتَ ٿِيڻ**: پَتَ ٿيڻ (ڪنهن صلاح يا گناهه جهڙي ڪم ۾) – شريڪ ٿيڻ – سائي بڻجڻ – شامل ٿيڻ – ملي وڃڻ – وڙهڻ – سامهون ٿيڻ (ت).

– **جَتَ پَتَ ڪرڻ (ث)**: جهيڙو ڪرڻ – ڳنڍجي پوڻ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

– **جَتَ هجڻ**: جوڙيوال هجڻ – رفيق هجڻ – شامل هجڻ – سائي هجڻ.

• **جَتَا ج جَتائون**: ث. [پرا. جَدا. سن. جَتا] چوتي وارن جي – ڇڪ – ڏڳها منجهيل وار جي اڪثر ڪري (جوڳي فقيرن جا). برَ جي لاءِ (جا پاڙ جو ڪم ڏئي) – برَ جي وڻ جا تاندورا.

– **جَتا ڏارڻ**: وارن جون وڏيون ڇڪون رکائڻ – وڏا وار رکائڻ – وار ڇڏي ڏيڻ – مشو نہ ڪوڙائڻ.

– **جَتا ڌاري**: ڏ. صفت. جوڳي.

– **جتائون**: ٿد. [جتا ج جَتائون] ڳنڍيون ڏنل وار – مُنجهيل وار – جَندا

– گُنتيون.

– **جَتاءِ ج جَتاءُ:** ذ. پائداري – تڳاءِ – هنيايو – هَندَ – پَندَيج – اِمْساكَ – رکاوٽ – بقاءِ – جهل.

– **جَتاءِ دار:** ذ. صفت. تڳاءِ وارو – پائدار – جهالاٽو – ديريا – باقي – گهٽو جهلينڊڙ – گهٽو وقت هلندڙ.

– **جَتائُو ج جَتائُو:** ذ. صفت. جتادار – پائدار – جهالو.

• **جَتاهانسي:** ذ. پساركي وکر جو هڪ قسم – سُرهي مَر.

• **جتِرو (ث):** ذ. صفت. وارن وارو – جهَندِ وارو.

• **جَتڪڻُ:** مصدر. کَرڪڻ – پوڻ (مٽان) – اوڇتو مٽان اڇي سهڙڻ.

• **جَتڻُ:** مصدر. جَتاءِ ڪرڻ – هَنڊڻ – جهلڻ. بقا ڪرڻ – گهٽو وقت هلڻ – قائم رهڻ. "چڏ سپرايون سومرا، ظلم ڪيئَ جَتي" (شاهه). ترسڻ – رهڻ – گذارڻ – گهارڻ.

• **جُتڻُ:** مصدر. جُتيڻ – مشغول ٿيڻ – لڳي وڃڻ)(ڪر ۾) – جُتبي وڃڻ. جهيڙو ڪرڻ. وڃڙڻ – گنديجي وڃڻ.

• **جَتو ج جَتا:** ذ. صفت. ٽُلهو – متارو – مضبوط – سگهارو.

• **جَتِي:** ث. پُوتيءِ جو هڪ قسم.

• **جتِيا:** اسر خاص. هندن جي هڪ گهٽ ذات جو نالو (جي اڪثر ڪلن رڳڙ جو ڪم ڪن).

• **جُٽ ج جُٽيون:** ث. تَعدي – خواري – عقوبت – لعنت – بي عزتي – تنبيهه – ملامت – قِنڪار.

– **جُٽ جَنيڙ:** ث. جُٽ قِٽ ـ لَعن طَعن – لعنت ملامت – قِنڪار.

– **جُٽيرُ:** ذ. صفت. جُٽ ڪندڙ – تَعدّي ڪندڙ.

– **جُٽ قِٽ:** ث. لعنت ملامت – هاهاڪار – تنبيهه – قِٽ قِٽ – قِنڪار – تعدّي لَعن طعن – ٽُڪ بُجو.

– **جُٽ قِٽ ڪرڻ:** ٽُڪ بُجو ڪرڻ – تَعدّي ڪرڻ – لعنت ملامت ڪرڻ – هاهاڪار ڪرڻ.

– **جُٽيرُ ج جُٽيرَ:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جُٽ جهلي هجي. جٽيون جهلينڊڙ – ملامتن جو پڪو – بي اثر.

– **جُٽيون ڪرڻ:** عقوبتون ڪرڻ. تَعدّيون ڪرڻ. لعنتون ملامتون ڪرڻ. بچڑيون حالتون ڪرڻ.

• **جَٽَرُ:** صفت. ڏکيو – سخت – ڏاڍو.

• **جَثّو ج جُثّا:** ذ. [ع. جُثّة] بدن – جسم – تَن – سَريرُ (هـ).

• **جَجَ، جَجِ (ل ث):** ث. سُکُ – آرامُ – فرحت – ماڻ – سانت.

– **جَجَ ڪرڻ (ث):** ث. سُک ڪرڻ – آرام ڪرڻ. ماڻ ڪري ويهڻ.

• **جَجِ، جَجِ تار:** ث. ڪواڙ (پکوان) جي هڪ وَڃَت جو نمونو – جهَڙ تال.

• **جَجَ:** ذ. [سن. جَپْ = جَپ جاپ ۾ ڌُهرائڻ] پوجا. پاٺ. گُرونانڪ جي چيلن جو وِردُ – وظيفو.

– **جَجَ تَجَ:** پوجا پاٺ – ذڪر فڪر – ورد وظيفو.

– **جَجَ صاحب:** ذ. گُرونانڪ جي باڻِين (واڻين) جو ڪتاب.

– **جَجَ ڪرڻ:** پُوجڻ – پوجا پاٺ ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. ورد ڪرڻ – روزمره جو وظيفو ڪرڻ.

– **جَجَ مالا:** ث. تسبيح – سُمرڻي.

• **جَجَڻُ:** مصدر. [سن. جَلْپَ (ت) وري وري نالو يا منتر پڑهڻ. ورد ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ – بندگي ڪرڻ. تسبيح پڑهڻ – مالها ڦيرڻ. عبادت ڪرڻ – پوجا ڪرڻ. پرارٿنا ڪرڻ.

• **جَجَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَجُ ج جَجَ:** ذ. [انگ. Judge] انصاف ڪندڙ – مُنْصِفُ – فيصلو ڪندڙ – نياءِ ڪاري – قاضي.

– **جَجمنٽ:** ث. [انگ. Judgment] لکيل فتويٰ ۽ فيصلو.

• **جِجَ:** ث. ڪِني يا اڻ وٺندڙ شيءِ جا زوريءَ جنبڑي پوي – مصيبت. (صفت) جنبڑي پوندڙ – ڏَ چَڏڙ – پنيان پوندڙ – ڳِڪ. لالچي – حريص – تمام نندڙو (ت).

– **جِجَ مان ڏاسڻ:** مصيبت ۾ قاسي وڃڻ – ڏَ چَڏَ مان اڙڃي وڃڻ.

• **جِجا ج جِجاڻُون:** صفت. مَ چَڏَڙُ – جنبڑندڙ – جندِ نہ چڏيندڙ – جِجَ.

• **جَجارَ ج جَجارُون:** ث. [انگ. Girgal] بندوق جو هڪ قسم – وڏي بندوق – تَفَنگ.

• **جَجان فَجان (ت):** ث. گارگند – بَدشَد – بيسود ڳالهاءِ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ – واهيات گفتا.

– **جَجان فَجان ڪرڻ:** بدفضيلتو ڳالهائڻ – بَد شَد ڪرڻ – گارگند ڪرڻ. بيسود گفتگو ڪرڻ.

• **جِجَاڻُو ج جِجَاڻُو:** ذ. صفت. لِلاڻو – لَلو. جِجا – خيالي پوائتي شيءِ جنهن جي نالي وٺڻ کان ڊپ ٿئي – ٻاڻو – بلاڻو.

• **جَجائي، جَجَئي:** ذ. چانورن جو هڪ قسم.

• **جَجِري:** اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

• **جُجِڪي ج جُجِڪيُون:** ث. ريجڪ – پُورُ. لَهَرَ – موج.

• **جَجْمانَ ج جَجْمانَ:** ذ. [سن. يَجَمانهْ] اهو ماڻهو جيڪو يَگَ ڪرائي. برهمڻن کي سڏي ۽ خرچ پري. يَگْيَ ڪندڙ. پوجا ڪندڙ. اهو شخصي جنهن تي برهمڻن جو قانوني حق هجي.

– **جَجْمانِي:** ث. [سن. يَجَمان + اِکا] برهمڻ جو ججمان تي قانوني حق – دانُ (جو برهمڻ کي ججمان وٽان ملي).

• جَجونٽيُ: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو ــ جي جي وَنتي.
• جِجَڻي: اسر خاص. جانورن جو هڪ قسر.
• جِجيِ ج جِجيُون (ت): ث. پِڇي ــ نَڪ ۽ چمبل سنگهه.
• جَجهِ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• جَجهِڪو (ڪ): ذ. ٻڪريءَ جو مُونجهه ۽ ڏَپ وقت آواز.
• جِجهو ج جِجهَا: ذ. صفت. گهٽو ــ مَٽو ــ اِلاهي ــ جامُ ــ ڪثير ــ وافر ــ زياده ــ جهَجهو.
• جُجُ ج جُجَ: ذ. ڪاج ــ شاديءَ جي مجلس. ڏَوُ (ڪاڏي جو). خوشي. ڳٽون. ٻڪري يا گهيٽي جا آنڊا. جي اُٺ کي ڪاڙهي پيارجن ــ اُٺ واسطي آندن جو ڪاڙهو.
• جَجَهُ (ت): مصدر. پُورو اڇڻ ــ وڻڻ ــ پسند اچڻ ــ ڪَپي وڃڻ ــ نهڪڻ.
• جَدُّ ج اَجداد: ذ. [ع. جَدٌّ = معزز شيءُ] ڏاڏو. پڑ ڏاڏو (ث. جَدّه) ــ بخت ــ چڱو نصيب ــ دولت ــ عزت ــ شانَ.
ــ جَدّي: صفت. اَباڏو ــ پيءُ ڏاڏي وارو ــ وڏن جو.
• جِدَّ: ث. [ع] ڪوشش ــ سعيو. جتن ــ اَدم ــ اوڙڇائي.
ــ جُدُوجُهد: ث. ڪوشش ــ ڊُڪ ڏوڙ ــ محنت ــ جَفاڪشي ــ پاڻ پتوڙڻ.
• جُدا: ظرف. [ف] ڌار ــ الڳ ــ پري ــ علحده ــ دُور ــ وڇڙيل ــ وڪرو. وٺيرڪو. اراڏو ــ نيارو. نرالو ــ عجيب. ڏاروڻ ڌار ــ مُنَفَرِّقو ــ طرح طرح جو ــ پنهنجي ليکي ــ پنهنجي مُنهن سر. اڪيلو ــ تنها.
ــ جُدا جُدا: ظرف. ڌار ڌار ــ الڳ الڳ. پري پري ــ علحدو علحدو. چڙوچڙ ــ مُنْتَشِر.
ــ جُداگانه: ظرف. الڳ ــ ڌار ــ علحده. هڪ طرفو ــ نرالو ــ نرالي طرح ــ جدا نموني سان ــ الڳ طريقي سان.
ــ جُدائِي ج جُدائِيُون: ث. علحدگي. وڪرائي. وڇوڙو ــ ڦوڙائو ــ فراق ــ دُوري.
• جُدار: جنگ ــ لڙائي. "وڙهون هلي تنهن ويرِ سان. ڪيون جنگ جُدار" (مهدي شاهه).
• جَدال: ذ. [ع. جدال < جَدَلَ = وڙهڻ ۽ مضبوط ڪرڻ] جنگ ــ لڙائي. جهيڙو ــ جهڪڙو. بحث ــ تڪرار ــ ٽڪرو.
• جِدَّت: ث. [ع] نئين ڳالهه. پيدا هئڻ جي حالت. انوکائي. تازگي.
ــ جِدّت پسندي: ث. نئين ڳالهه کي پسند ڪرڻ واري ڪيفيت. جديد ۽ نئين شين جو چاهه ــ قدامت پسنديءَ جو ضد.
• جُدرُواه: اسر خاص. تعلقي نٽيَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• جُدُگال، جُدْغال: اسر خاص. ڪلاچ. قلات. مڪران ۽ ايراني بلوچن جي ڪن علائقن ۾ رهندڙ هندي ڳالهائيندڙ قبيلا.

• جَدَلَ: ث. [ع. جَدَلَ ۽ رسو ڪرڻ. جهڳڙو ڪرڻ] لڙائي ــ جنگ. جهڪڙو ــ جهيڙو. ڏسو "جدال". خصوصت. بحث. هي لفظ هميشه جنگ سان گڏ استعمال ٿئي "جنگ و جدل".
• جِدو: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. سعودي عرب جو هڪ مشهور شهر جده.
• جُدو: ظرف. جُدا.
• جَدْوَارَ: ث. [ع] پسارڪي وڪر جو هڪ قسر (هڪ ٻوٽي جي پاڙ. رنگ ڪارو ۽ ناگر موٽ وانگر. وڇوڙهه جي ٻج جهڙي ڳُنري).
• جَدْوَلَ ج جَدْوَلُون: ث. [ع. جَدوَل = حساب پيڇ جون پاڙون ناهڻ] ڪتابن ۾ حاشي جي جُوڙاري ليکن ڪڍڻ جو ڪر. صفحي جي چٽي پاسي ڪديل ليکون ــ نَهر حساب پيڇ لاءِ تيار ڪيل نقشو (جنهن جي آڌار تي حساب آساني سان پڇي سگهجن). نجومين جو زائچو يا جنر پتري.
ــ جَدْوَلِي: صفت. ليکا پاتل (ڪتاب). جدول وارو (ڪوڙو حساب وغيره).
ــ جَدْوَلِي قلم: لوهي چهنب وارو قلم (جنهن سان ڪتابن تي ليکا وڇهجن).
• جِدّه، (جدّه): اسر خاص. [ع. جدّة] سعودي عرب جي هڪ شهر ۽ بندر جو نالو.
• جُدِيُ: ث. بي عزتي ــ ايمان ــ هتڪ عزت.
• جَدِي: ذ. [ع] چيلو. آسمان جي هڪ برج جو نالو (جو چيلي جي شڪل جهڙو آهي) ــ مڪر. اتر قطب جي ويجهو هڪ تاري جو نالو.
ــ جدي گهيرو: ذ. خط استوا کان ساڍا ٽيويهه درجا ڏکڻ طرف هڪ خيالي گهيرو (جو ڏرتيءَ کي ڦري ٽو اڇي ساري ۾ سج انهيءَ گهيري تائين لڙندو آهي) ــ مڪر گهيرو.
• جُد يارِ: ظرف. ڌار ڌار ــ جُدا جُدا.
• جَدِيدَ: صفت. [ع. جِدّة = نئون ٿيڻ] نئون ــ تازو ــ هٿوڪو ــ موجوده وقت جو "قديم جوضد". علم عروض موجب هڪ بحر جو نالو (فعلاتن. فعلاتن. مفاعلن).
• جُدّ: ث. [يَدٌّ. يَدٌ ۽ لڙائي ڪرڻ] لڙائي ــ جنگ ــ ويڙهه ــ يَدّ.
• جَدِّ: ظرف. جڏهن.
• جَدٌّ ج جَدّا: صفت. [پرا. جڏ. سن. جَدَ] جڏو ــ معذور ــ بيڪار عضون وارو.
• جَدّالَ ج جَدّالَ: ذ. صفت. جڏو. معذور. پوڙهو. اَپرو ــ ضعيف. صفا بيوقوف ــ چٽ چريو. ڏسو "جَدّ".

• جَڏ ڪَر(ت): صفت. بنهه پراڻو – جهونو. ضعيف – جَنْهَڙ.
• جَڏو ج جَڏا: ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جا عضوا بيڪار هجن ۽ هلڻ چلڻ يا ڪم ڪرڻ کان عاجز هجي – معذور – پنگلو – لاچار. هيڏو – ضعيف – اپرو. بيمار – اڳهر. بيڪار – ڇَتَ. بي ڪمو. ڪُنڏهن – ڪم فهم – ٿوري سمجهه وارو.
– جڏا ڪم ڪرڻ: نقصان جا ڪم ڪرڻ.
– جَڏائي: ث. معذوري – پنگلائي – اپرائي – ضعيفائي. هيڏائي – لاچاري. بيوقوفي. نڪمائي. بچڑائي.
• جَڏال ج جڏالَ: ذ. صفت. معذور – پيرمرد – پوڙهو – ضعيف – ڪمزور – بيوقوف – ٻڌيو – پرمٿڙيو.
• جِڏو(ت): صفت. جيڏو.
• جَڏهاڪَي جڏهانڪر: ظرف. [سن. يَدَا - جڏهن] جنهن وقت کان – جڏهن کان.
• جڏهاڪي جڏهانڪو: ظرف. جڏهن کان.
• جَڏهِن جڏهين: ظرف. [سن. يَدَا - جَدْ هِن] جنهن وقت – جنهن مهل.
• جڏهوڪي جڏهُوڪي جڏهوٽو: ظرف. جڏهن کان – جنهن وقت کان.
• جِڏَڻُ (ل): مصدر. ڏِجڻ.
• جُذام: ذ. [ع. جُذام. جَذَمَ - وَڏڻ] ڪوڙهه (بيماري).
– جُذامي: ذ. صفت. ڪوڙهيو – ڪوڙهي.
• جَذبُ، جَذْبَ: ذ. [ع. جَذْب. جَذَبَ - ڇڪڻ] ٻوسڻ – ڇهڻ. ڇڪڻ. ڪشش ڪرڻ.
– جذب ڪرڻ: ڇهي وڃڻ – ڇوسي وٺڻ. پاڻي ۾ حل ڪرڻ.
• جَذْبو ج جَذبا: ذ. [ع. جَذْبَة < جَذَبَ - ڇڪڻ] ڇڪ – ڪشش – اڏمو – دل جو شق – اُمنگ – ٻُور – غصو – ڪاوڙ ـ جوش.
• جَڏَر: ذ. [ع. جُذْر] مادو – ٻيو مول ـ ٻڌي سگهه – ٽين سگهه – ٽيون مُول.
• جَر: (لس): ظرف. جڏهن.
• جَرّ: ذ. [ع. جَرّ = ڇڪڻ] ڪشش. ڇڪ. بنياد. هيٺيون حصو – زير ـ مي حرڪت (حرف جر).
– جرڪيل: ذ. اهو اوزار جنهن جي وسيلي ڳرو بار آساڻيءَ سان گهلي ۽ ڪٽي سگهجي.
• جَرُ ج جَرَ: ذ. [سن. جَلْ =] جل – پاڻي – آب. "ڳات سڪ جا ڪر سنوان. تان جر وٺي قابو قرار" (فقير بخش علي). همته لَلْ (ل). ڏيڪ. چمڪ. "وڏا ون وٽڪار جا. جت جائو. جُمر. جَرَ" (شاه).
– جَرَ تي جانوَن ڏيڻ: درياءَ تي وڃڻ ۽ پوجا ڪرڻ – مجتائون ڏيڻ.
– جَرُ ڦُرَ: ذ. پاڻي ۽ خشڪي – بحر و بَرّ – سمنڊ ۽ ڌرتي.
– جَرُ پاڻي: هڪ هندڪي رسم موجب درياءَ ۾ اکو وجهڻ. ڳڇيءَ ۾ پلوءُ وجهي چنڊا هٽڻ ۽ دعا ٻڌڻ.
– جَرُ ٻَڏي ج جَرُ ٻَڏيُون: ث. پاڻي ۽ خشڪي – جَل ٿَل – بحر و بَر.
– جَرَسَر: ظرف. کوهه يا تڙ جي پاڻي جي ڪنڊيءَ تي. "ڏوڏي ٻُجي ڏيهه جا. جرسر آپي جوءِ" (شاه).
– جَرُ ڪُجَرُ: ذ. جگو توڙي خراب پاڻي – نيڪي توڙي بدي. لَٽ ۾ ڪاراڻ (مجازاً) ڏوڻي – ٻياڻي. "جَرُ ڪُجَرُ اکين ۾ سي ڪيئن پرين پَسن" (شاه ڪريم).
• جِرّ: صفت. تَتَلُ – ڪوسو. تِکو – ڪڙو – تَلخ.
– جِرُ وَڙڻ: پاراتي طور استعمال ٿيندڙ مُحاورو – ٻَن پوڻ – ڪَڌ پوڻ – سڙي مرڻ.
• جُراب: جورابِ
• جُرأت ج جُرأتُون: ث. [ع. جَرائت. جَرائت - همت ڪرڻ] بهادري – دليري – سورهيائي. همّت – مردانگي. حوصلو – جگر.
– جرائت پريو: ذ. دليرُ. بهادر – سُورهيه – وڏي حوصلي وارو – وڏي همّت وارو.
– جُرأت مند: ذ. جرائت پريو – دليرُ – بهادر – همّت پريو.
• جَراثِيم: [فه واحد. جَرْثومَ] نندڙا نندڙا جيوڙا. جيڪي هر شيءِ جي اندر موجود آهن ۽ جن جي ڪڙڻ سان جسم ۾ بيماريون پيدا ٿين ٿيون.
• جَرّاحَ ج جَرّاحَ: ذ. [جَرَحَ = زخمي ڪرڻ] اهو طبيب جو ڦٽن ڦَرڙين کي وڍي چيري علاج ڪري – انساني جسم جي وَڍَ ٽُڪَ ۽ علاج جو ماهرُ – سَرجن (انگ). ويجُ – طبيب. خَٽَ ڪندڙ – طَهَرَ ڪندڙ (ت).
– جَراحَت (جراحَت): ث. زخم. وَڍُ. جسم جي چير ڦاڙ جو ڪم – آپريشن (انگ).
– جَرّاحي: ذ. صفت. جَرّاح جو – وَڍَڻَ جو – چيرڻ ڦاڙڻ جو.
– جَرّاحي: ث. جسم جي وَڍَڻَ – آپريشن (انگ).
• جَرّارُ: ذ. [ع. جَرّار. جَرَّ = ڇڪڻ] پهلوانَ – دليرُ جوڌو. تمام گهڻو لشڪر.
• جَرارڪيت: اسم خاص. نعلفي گهوڙا ٻاريءَ جي هڪ ديهه جو نالو.
• جَرّاڙ: اسم خاص. [ع. جَرّار] هڪ عاشق مرد جو نالو – "بوبنا" نالي محبوبه جو عاشق.
• جَرَبُ جَرَبَ (ڪ ل): [ع] ڪرين يا رڍن جو اهو ڏڪ جو پاڻي

هنڈان کاهي يا خريد ڪري مارڪيٽ ۾ آڻجي. ڪوبہ هڪ پُھرُ. (ٹ). اُھا اُٺ جا قَر ڪان سواءِ رڙندي وٽي (ڪ).

• **جُرْح (جِرَح) ج جُرْحون:** ث. [ع] گھاءُ – زخم – چير. ڦٽ. اعتراض. رَدّ. آڏي پُڇا.

– **جَرح ڪرڻ:** آڏي پُڇا ڪرڻ – سوال جواب ڪرڻ – رَدّ جواب ڏيڻ.

• **جُرْحِلو ج جُرْحِلا:** ذ. [ع. زَلْزَلَة] زلزلو – ڌرن ڪنپ – ڪُنبشِ – ڌرتيءَ جو ڌُڏڻ. "ڏڪيا اُٿي زمين. پيو جُرجِلو جبلا" (عثمان ڪلھوڙو). ماتم – روڄ راڙو. واءِ ويلا. سخت تڪليف. هراس. فساد – گوڙ. عاشورا.

– **جُرْحِلو مَچِ:** ماتم ٿيڻ – واويلا پوڻ – ماندائ مَچِ. فساد ٿيڻ.

• **جُرس ج جُرُس:** ذ. [ع] گھنڊ – گھڙيال. اھو گھنڊ جو قافلي سان گڏ ھوندو آھي ۽ قافلي جي تيارين وقت وڄائيو آھي.

• **جُرْعَہ:** ذ. [ع. جُرْعَة] ڏڪ – ڇڪ – ڇلڪو.

• **جَرَ ڦَلْ ج جَرْڦَلْ:** ذ. پسارڪي وکر جو ھڪ قسم. ڪلاب جي سڪل مُکڙي – ڪلاب جي ڪُلي. ڪوري مان اڏامندڙ ڇٽنگ. آتشبازيءَ جو ھڪ قسم (جنھن جي ٻارڻ سان ڇٽنگون نڪرن). ٽپڻ جو گُل. "پاڻ ٽپڻ. پاڙون ٻھ. گل جرڦل سدا" (رمضان واڌيو).

– **جَرڦلاٽون:** ذ. صفت. ڪلاب جي مُکڙين يا ڪُلين وارو گھٽيون ڇٽنگون ڇڏيندڙ (آتشبازي).

• **جَرْڪ ج جَرْڪ (ڪ):** ذ. چراخ (جانور).

• **جَرَڪپوٽا:** اسم خاص. ھڪ قبيلي جو نالو. ولي جرڪس ڏ ناٿي جو اولاد.

• **جَرڪڻ:** مصدر. [سن. جُوَلْ] جِمڪڻ – جِلڪڻ – ٽجلو ڪرڻ – جمڪاٽ ڪرڻ – جھرڪڻ.

– **جَرَڪ:** ٿ. جمڪو – جِلڪو – ٽجلو.

– **جرڪائي:** مصدر. "جرڪڻ" مان متعدي بالواسطہ. جمڪائڻ – جلڪائڻ – اُجارڻ.

– **جَرڪو:** ذ. جمڪو – جلڪو – ٽجَلّو – جھرڪو.

• **جَرڪوھيارو:** اسم خاص. ٽعلقي موري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **جَرَڪ ج جَرَڪ (ٹ):** ذ. چراخ (جانور).

• **جِرگو ج جِرگا:** ذ. [تُرڪي – جَرگہ = حلقو – گولائي يا قطار ۾ ويھن] جماعت – پنڇايت – فيصلو ڪندڙ جماعت يا قبيلن جا سردار جيڪي ويھي سنگين ڏوھن جو فيصلو ڪن. قومي يا راجوٽو نياءُ.

– **جرگو ويھڻ:** نياءُ ڪندڙ جماعت جو ڪڏ ٿيڻ. نياءُ ٿيڻ – فيصلو ٿيڻ.

• **جِرگو ج جِرگا:** ذ. جِرگو.

• **جُرْمَ ج أجرام:** ذ. [ع] جسم. اھي لفظ خاص ڪري آسماني شين سان استعمال ٿئي ٿا. ننڍن – ڏڙ – ڇوٽو. نوراني يا لطيف جسم. گھٽو ڪري آسماني ۽ معدني شين سان تعلق رکندڙ.

– **أجرام سماوي:** ذ. آسماني جسم (تارا – گرھ وغيره).

• **جُرْم ج جَرائر:** ذ. [ع. جَرَمَ = قصور ڪرڻ] ڏوھ – گناھ – قصور – خطا – تقصير – پاپ – قانون جي خلاف ڪم – سزا جي لائق ڪم.

– **جرائم پيشہ:** ذ. صفت. ڏوھاري ماڻھو (جن جو ڏاڏو چوري وغيره ھجي).

– **جُرم خفيف:** سزا جوگر ھلڪو ڪم جيڪو ڏنڊ وغيره سان معاف ٿي وڃي.

– **جُرم سنگين:** گُرو ڏوھ جو ڪم جنھن لاءِ موت وغيره جي سزا ڏني وڃي.

• **جُرمانو ج جُرمانا:** ذ. [ف] ڏوھ جو عيوض – ڏنڊ – تاوان.

• **جَرْمَني:** ذ. ڪُڪڙ جو ھڪ قسم (رنگ ڪارو). اسم خاص) جرمني – يورپ جي ھڪ ملڪ جو نالو.

• **جَرْنا:** ٿ. ڏ يرڻ – ٽحمّل.

• **جَرَنڊ:** مصدر. [سن. جُوَلْ] جَلڻ – سَڙڻ – پچڻ – ڪامڻ – سَھڻ – برداشت ڪرڻ – ھضم ٿيڻ (طعام).

• **جَرو ج جَرا:** صفت. ڏرو – ٽورو (ڏڙڻ جي ٻگڙيل صورت).

• **جُرو ج جُرا:** ذ. [ف. جُرْه] پکي (بان) جو ھڪ قسم – "باز" جو ننڍو ڙر.

• **جَروار:** اسم خاص. بلوچن جي ھڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ ھڪ ٽپي. ديھ ۽ شھر جو نالو.

• **جَروٽ ج جَروٽون:** ث. پوڙھي ڳَڻون. ميڙھن وغيره (ل). پاڇي – اُٺ (ڪ).

• **جُرْئَتَ ج جُرْئَتون:** ث. ڏسو "جُرائت".

• **جَريُ (جَريُا):** صفت. [ع. جَرُوء = بھادر ٿيڻ] پھلوان – دلير – شجاع – جوانمرد – ويڙ – سورھيہ.

• **جَري، جِري (ڪ):** ث. مڇيءَ جو ھڪ قسم (پرن سان. جھرڪي وانگر اڏامندڙ. قد ۲ کان ۴ انچن تائين).

• **جِريان:** ذ. [ع. جَرْي = وَھَڻ] بيماري، جو ھڪ قسم (جنھن ۾ پيشاب سان يا اڳ ۾ يا پوءِ مَني وَھندي ھجي. ٻئڙي شيءِ جي وَھَڪ – وھڪرو – روانيءَ – جاري ھجڻ جي حالت – سلسلو تمر تمر.

– **جِريان نمبر:** ذ. ھلندڙ نمبر – چلو نمبر – سلسليوار نمبر.

• **جريب، جَريبٌ ج جريبہ:** ذ. [ع] ھڪ خاص ماپ جو زمين جو ٽڪر (جنھن ۾ ديھ ويسا يا گھٽتا ٿين) – اڌ ايڪڙ – بيگو.

• **جَريدو ج جريْدا:** ذ. صفت. [ع. جَريدة. جَرَدَ = ننگو ٹيڻ] اگهاڑو – ننگو. ٹيار – هَكيو – ٹكيو (ا). حساب جو دفتر. كتاب. اَخبار.

– **جَريْدائي:** ٹ. اگهاڑپ. تَجَرّدُ – تنهائي – چڙائي – اكيلائي – اَنَ پَرٽيل واري حالت.

• **جَرين:** صفت. تمام. دِگهو – لَنبو. گهٹي پنڊ تائين پكڙيل.

• **جَزّ:** اسر خاص. هك ذات جو نالو (جكراٹي پاڑو).

• **جَزّ ج جَزّون:** ٹ. [پرا. جَدا. سن. جَتا] پاڙ – بيخ. بنياد – پيڑهه. اصل. ميخ – كِلي (قرب جي). گُنڊيَ – ريهَ. جَزاءِ – جَزّت (موتين جي). زمين جي حد بندي جو ٹنڈو – سيڑهو – ونگ "بني وجي ٽ جڙسين. نہ ٽ جڙان وجي نہ پوك".

– **جڙ اكيڙڻ:** پاڙ پٽڻ. ناس كرڻ – نابود كرڻ – بنياد كڍي چڏڻ.

– **جڙ جڙڻ:** قرب ۾ كرڻ – محبت ۾ قايو كرڻ.

– **جڙ كاٹڻ:** پاڙ كڍڻ – بنياد اكيڙڻ. ناس كرڻ – پاڙ بني چڏڻ – چت كرڻ – بُرائي كرڻ – نقصان پهچائڻ.

– **جڙ كڍڻ:** پاڙ كڍڻ. پاڙ پٽڻ. ناس كرڻ – چت كرڻ.

– **جڙ لاڳڻ:** محبت جي ميخ هڻڻ. پيوند هڻڻ – تعلق ڳنڍڻ.

– **جڙ لڳڻ:** محبت ٹيڻ – پيار ٹيڻ – لَڳ لڳڻ – پارون پختيون ٹيڻ – مضبوط ٹيڻ.

– **جڙ ج جَڙ:** ذ. صفت. [سن. جَڙ] بي سمجهه – بي عقل – بي وقوف – مورك – نادان – ڈڈ. بي جان. اڻ آزمودگار – اَلَڙ – نويل اڻ وَهو (ڏاند) – جَڙو. بن بنين جو وجون دنگ. ڪلاس "بني وجي ٽ جڙسين. نہ ٽ جڙان وجي نہ پوڪ".

– **جڙ وهو كرڻ:** اَنَ وَڙهل ڏاند كي وهو كرڻ. اڌنگي يا اڻ سڌريل كي سڌارڻ.

• **جَڙائڻ:** مصدر. "جڙڻ" مان متعدي بالواسطه. جڙاوت كرائڻ (موتين وغيره جي) – پوچ كرائڻ – مڙهائڻ. گُنڊائڻ – جكڙائڻ – ٻڌائڻ (سامان). ٹهكائڻ (آرا ء سَلَ).

– **جَڙاءِ:** ذ. هيرن. موتين وغيره جي جَڙ يا پوچ – جڙاوت. "زلف جا زنجير. جَڙاءِ ٹيم جان جي" (خان زئي). جِتَ – گَنل (گهٹن تي) – ميناكاري وغيره.

– **جَڙائي ج جَڙائيُون:** ٹ. جڙائڻ جي مزوري – جَڙائي – مڙهائي.

– **جَڙاٹيو جَڙاٹُو:** ذ. صفت. جَڙيلَ – جَڙت وارو. پوتل – مڙهيلَ.

– **جَڙائي:** ٹ. جَڙاوَتَ – جَڙَ. مڙهت – پوچَ.

– **جڙائيندو:** صفت. ٹهكندڙ – ٹهكي ايندڙ – موزون – مناسب – وزنائتو.

– **جَڙت، جَڙّت:** ٹ. گهن تي هيرن يا موتين جي پوچ – جَڙاءِ – جڙاوت. جواهرن جي صحيح ملاوت (جَڙاءِ ۾).

– **جَڙتُو جَڙتُو:** صفت. جَڙيل – جڙت كيل. پوتل – مڙهيل. جِنجهيل (گهن سان).

– **جَڙتي:** صفت. جڙتو.

• **جَڙتو ج جُڙتُو:** صفت. مصنوعي – هٹراڏو – كوتو – جعلي نقلي – كُوڙو تيار كيل.

– **جَڙتُو شاهدي ڏيڻ:** كوڙي شاهدي ڏيڻ.

• **جَڙدُ ج جَڙدُ (ا، ك)** ذ. صفت. طاقتور – سگهارو.

– **جَڙدُ مَڙدُ:** ذ. صفت. ٹلهو متارو – سگهارو.

• **جُڙدي (ك):** ٹ. جَتي – هجا – نقصان – ٹوٽ – تاوَ – چيهو.

• **جُڙڪ اڏڻ:** ذ. شكاريور جو هك قسم – جُڙڪ اڏڻ.

• **جَڙ كُنڊل:** صفت. پوڙهو – ڈاهرو – ڈكَل.

• **جَڙڻ:** مصدر. [سن. جَنَت. جَتْ = ملائڻ] جَڙت كرڻ (جواهرن جي). پوچ كرڻ – مڙهڻ. گُنڊڻ – لڳائڻ – ملائڻ. ريهڻ – ناكڻ. پيوند كرڻ. ٹهكائڻ – كُٹائڻ. جوڙڻ. پَرت ۾ ٹكوُن هڻڻ.

– **جَڙڻي:** ٹ. جڙڻ جي حالت – جَڙاوَتَ. جواهرن جي پوچ.

– **جَڙيو:** جَڙيندڙ – جوهري.

• **جُڙڻ:** مصدر. [سن. جَدِ ت. جَتْ = جَڙڻ] ٹهڻ – تيار ٹيڻ – ٹهي تيار ٹيڻ – راسُ ٹيڻ. ٹهكي اچڻ – پورو ٻيهڻ. ملڻ – حاصل ٹيڻ – هٿ اچڻ. گڏجڻ. تندرست ٹيڻ. سينگار كرڻ.

– **جُڙڻ جَكَڙڻ:** ٹهي ٹكي تيار ٹيڻ. ٹهي راس ٹيڻ. هار سينگار كرڻ.

– **جُڙيءِ كي جَس:** مُحاورو. جيكو ٹيو سو وهه واهه – جيكي ٹيو سو پلو.

– **جُڙيو:** صفت. خوش – آسودو. تندرست. (اسر خاص) مرد جو نالو.

– **جُڙيو رهڻ:** خوشحال رهڻ – صحيح سلامت رهڻ.

– **جُڙيو هُجڻ:** خوش هجڻ – آسودو هجڻ. تندرست هجڻ – صحتمند هجڻ. "شل پنهنجن ٻچن سان جُڙيو هوندين".

• **جَڙَ هَڙَ:** اسر خاص. گاهه جو هك قسم.

• **جَڙي ج جَڙيُون:** ٹ. محبت – پريت جو پيچ – پيارَ – سك. قرب جي گُنڊ – اُلفت جو پيچ – قُرب جي ميخ. ڈسو "جَڙ". "جنهن سان لڳي جيءِ جي جَڙي".

• **جَڙي پُوٽي:** ٹ. [سن. جَتا = پاڙ + پُوتَ = گول. ڦرت. قِرڻ]. مُفيد پوٽي – اُها پوٽي جنهن جي جَڙ يا پاڙ دوا طور كم اچي.

• **جَڙّ ج جَڙّ (ك):** ذ. گهٹو مال (چوپايو).

• **جُڙ:** حرف جر. [ف] سواءِ – بغير – علاوه – كان سواءِ – بنا – بنُ.

• **جُڙ ج جُڙ:** ذ. [ع. جزّ – كُٹيڻ – حصن ۾ ورهائڻ]. حِصو – پاڳو. ٽكرو – ڏرو. كنهن وڏي كتاب جو حصو. ڳهو پنو (جنهن

کي کتاب بڻائڻ لاءِ ٻيڙو ڇوڙو ڪري ١٦ يا ٣٢ صفحا ڪٺا ڪرڻ ۽ ڇپائڻ.

– **جُزُ بَنْدِي:** ث. کتاب جي نندڻ نندڻ جُزن يعني سورهن سورهن يا ٻتيهن ٻتيهن صفحن کي پاڻ ۾ ملائي جُلد ٻڌڻ جو ڪم – شيرازه بندي.

– **جُزْدان:** ذ. اهو ڪپڙو جنهن ۾ ڪتاب ٻڌجن.

– **جُزوَڪُل:** ذرو ۽ سجو. سڄو سارو – سمورو – سڀ – ذرو ٻرزو.

– **جُزْوِي:** صفت. جُزن ڏانهن منسوب ڪجهه – ٿورو – مختصر – حقير – ادنيٰ.

• **جَزا** ج **جَزائُون:** ث. [ع. جَزيٰ = عيوض ڏيڻ] بدلو – عيوضو – صلا. نيڪي جو بدلو (جو اڳئين جهان ۾ ملي) – ثوابن انعام – اُجورو – سزا – نتيجو – ڦَلُ – ڪيتو. علم نحو جي اصطلاح موجب اهو جملو جو ڪنهن شرط ڪيل جملي جو نتيجو بيان ڪري (صفت). ڏاهرو – بي ٻُڌج. پندُ – جڳا – ڳيڪ – جَنبرَ.

– **جَزاكَ اللّٰه:** جملو. خدا تو کي نيڪ بدلو ڏي! شاباش مَرحَبا!

– **جَزا لوڙڻ:** سزا لوڙڻ – نتيجو پوڳڻ. بدلو ملڻ. بد اعمالن جي سزا پائڻ.

• **جَزْرُ:** ذ. [ع] سمنڊ يا درياه جي پاڻيءَ جو لاهُ – پاڻيءَ جي لاٿ. ويڙ جو موتي لهي وڃڻ – "مَدّ" سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ (مَدّ وجَزر). "مَدّ" جو ضد.

• **جَزْمُ** ج **جَزْمُون:** ث. [ع]. علم اِملاءَ موجب حرف کي ساڪن ڪرڻ لاءِ مٿس ڪيل خاص نشاني (ـْ) جيڪا ڏيڪاري ته حرف تي نه زَبَر (ـَ) آهي نه زيَر (ـِ) نه پيش (ـُ). سُڪون.

• **جَزْم:** ذ. [ع] پڪو ارادو – پڪو – پختو – مضبُوط – مُحڪم – مُصَمّم – اٽل.

• **جُزو** ج **جُزا** يا **اَجزا:** ذ. [ع. جَزّ] جَز – پاڳو – حصو. ذرو – ٻرزو. "ڪلّ" جو ضد. ڪنهن به مرڪب انگ جو مُنفرِد انگ يا حصو.

– **جُزا ڪَڍڻ، ڪرڻ:** ڪنهن مُرڪّب انگن کي مُنفرِد حصن ۾ ورهائڻ.

– **جُزْوِي:** ڪجهه – ٿورو – ذرو – خفيف – ادنيٰ – ٿورو ذرو – تمام ٿورو.

• **جَزيرو** ج **جَزيرا:** ڏ. [ع. جَزيرَة] ٻيٽ – ديپ – خشڪيءَ جو اهو قطعو جنهن کي چئني طرفن کان پاڻي هجي.

• **جَرِيرُ** ج **جَرَرَة:** ذ. صفت. دشمن. حاسد. لعنتي.

• **جَزْيه (جزيو):** ث. [ع] ڏل جو هڪ قسم. اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمانن کان فوجي خدمت جي عيوض ورتي وڃي.

• **جَسُ:** ذ. [پرا. جَسو. سن. يَشَس] ساک – ناموس – نالو – ناماڇار – ناموري – شهرت – اعتبار – هاڪ اَٿر – تاثير. شاباس ـ آفرين. برڪت – وصف –خوبي – گڻ – ذاتي جوهر – طاقت – قدرت – زور – ٻَلُ – آبرو – عزّت – حرمت – وڏائي – نيڪنامي – ثواب – نيڪي – پلائي – لياقت – اِستعداد.

– **جَساڻتو:** صفت. جس وارو. نالييرو – مشهور. شاباس جو لائق – تحسين جوگو – انعام جي لائق.

– **جَسَ پَرين:** صفت. لائق وارو. آفرين جو مُستَحَق. ساک وارو. اثر وارو.

– **جَس ڪَرو:** صفت. شاباس جو لائق. ناموس وارو – نالييرو.

– **جَس هُجڻ:** آفرين هجڻ – شاباس هجڻ.

– **جَسي، جيسارو:** ذ. صفت. جس وارو – آفرين جو لائق. ناموس وارو – نالي وارو.

• **جِس:** ذ. جيئس – جيڏو. (صفت) مثل – جهڙو – ٽاني.

– **جِس جِس سان مِلڻ:** هڪ جيڏن جو ميلاپ ٿيڻ – جيس جيس سان ملڻ – جنس جنس سان ملڻ.

• **جَسارَتُ:** ث. [ع. جَسارة. جَسَرَ = بهادر ٿيڻ] دليري – جُرائت – بهادري – مردانگي – شجاعت – جوانمردي – حوصلو. همّت – دلاوري – بيباڪي – شيردلي.

• **جَساحَتُ:** ث. [ع. جَساحَة جَسَرَ = ٽلهو ٿيڻ] ٽُلهائي – موتائي – فَربهي. بدن – ڍگهائي. ويڪرائي ۽ اونهائي جي ضرب ٽيل ماپ.

• **جَسْتُ:** ذ. [فا. جَسْتَن = ٽپو ڏيڻ] ٽپو – ڀَل – چلانگ – ٽينگ – چال.

– **جَسْتَ جَستَ:** ظرف. ڪٿي ڪٿي – ٿورو ٿورو.

• **جِسْتُ** ج **جِسْتَ:** ذ. [پرا. جَسَد. سن. جَسَد] ڏاڙهو جو هڪ قسم (اڇي ۽ ميرانجهڙي رنگ جو. هن مان ڏاڙهو ٺهن).

• **جِستي:** ز. صفت. جست جو – جست مان ٺهيل.

• **جُستُ (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڳاڙهن گلن سان).

• **جُستجُو:** ث. [فا. جُست + جو] ڳولا – ٽلاش – جاچا – پَچا ڳَچا.

• **جَسَدُ:** ذ. [ع. جَسَدَ = رت جمڻ] جسم – بدن – جان – تَنُ – پيندو – ڏيل.

• **جِسْرُ:** ث. [ع. جَسَرَ = پل ٻڌڻ] پُل.

• **جِسڪاڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **جِسْمُ** ج **جِسمَ:** ذ. [ع. جَسَمَ = ٽلهو ٿيڻ] بَدنُ – تَنُ – بُتُ – سَريرُ. اُها شيءِ جا جاءِ والاري ۽ وزن رکي – مادو – وجود.

– **جِسماني:** ذ. صفت. جسم جو – بَدني – ديهي – سَريرَڪ – مادي – بدني.

– **جِسمدار:** ذ. صفت. جسم وارو – اهو مادو يا جسم جنهن کي ڏسي، سنگهي، ٻڌي، ڇڪي يا ڇهي سگهجي.

– **جِسمِي:** ذ. صفت. بدني – جسم جو.

• جَسَنَ ج جَسَنَ: ڏ. جَشَنَ. ڏسو "جشن".
• جَسُو (ث): اسم خاص. هڪ نر جو نالو. "جَسُو نَرَ يارن. ڪٽي چِني چڏيا" (شاهه).
• جَسو ج جُسا: ڏ. جَثو – بَدن – تَنَ – جسم. ڏسو "جَثو".
– جُسو وَڌڻ (ث): آرس پُجڻ – ڪَنَ موڙڻ. جُسياروَ: ڏ. صفت. جَسِيم – ٿلهو – موٽو – متارو.
– جَسورا، جَسودا: اسم خاص. [پرا. جَسودا. سن. يَسو + دا]. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• جَسوَلَ: ڏ. صفت. بهادر – پهلوان – جوڌو. خدمتگارَ (ت). جنَ (ث).
• جَسي (ل): ث. ڏَرهي – چڙب. دڙڪو.
• جَسِيمَ ج جَسِيمَ: صفت. [ع] ٿلهي بَدن وارو – ٿلهو – متارو – موٽو – بَدن ۾ پَريلَ.
• جَشنَ، جَشَنَ ج جشنْ: ڏ. [ف] خوشي – سَرهائي – شادماڻو – عيش. بهادري – موج – حرفت. خوشيءَ جو ڏينهن. خوشيءَ جي محفل.
– جَشن ڪرڻ: خوشيون ملهائڻ – موجون ڪرڻ. عيش ڪرڻ.
– جَشن ملهائڻ: خوشي ملهائڻ. خوشيءَ جو ڏينهن ملهائڻ ڏڻ ملهائڻ.
– جَشني: ڏ. صفت. جشن وارو – خوشيءَ وارو. جشن ملهائڻ وارو.
• جُشنَ (س): مصدر. موٽڻ وَرَڻ – پوئتي هَٽَڻ.
• جَعْفَرَ: ڏ. پساريءَ وڪر جو هڪ قسم (هي، هڪ ڏڻ جو ڦل آهي. ڳاڙهاڻ مائل عُناب جيڏو داڻو. رنگ پورو. ذائقو تِکو ۽ ڪوڙو ٿئي. گرم خشڪ تاثير رکي ٿو) – جافر – جائفل. (اسم خاص) هڪ ماڻهوءَ جو نالو.
• جَعْفَرآباد: اسم خاص. ڳڙهي خيري ۽ ڪنڊ ڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• جَعْفَري: هڪ قبيلي جو نالو. ڪاڪ جي پٽين مان ٺهيل جاريدار دروازو. گلن جو هڪ قسم (انگ. French Marigold)
– جَعْل ساز: صفت. [ع. جعل + ف. ساز] ڪوڙو بنائيندڙ. فريبي. ڪوڙا دستاويز لکندڙ. ڪوڙيون صحيحون ڪندڙ.
– جَعْل سازي: ث. ڪوڙن دستاويزن لکڻ يا ڪوڙين صحيحن پائڻ جو ڪم. نَگي – فريب – دَغا – هٽ جو ڪيڏ.
– جَعلي ج جَعلي: صفت. نقلي – بناوٽي – هٽ جوناهيل – هٿرادو. ڪوڙو (دستاويز، سِڪو وغيره).
• جُغرافيَہ، جُغرافي: ث. جاگرافي. زمين جي مٿاڇري جو علم. جيڪو زمين جي آبادي، ان جي وڻن ٻوٽن ۽ حيوانات وغيره جون حالتون بيان ڪري.
• جُغرافيَہ دانَ: ڏ. جاگرافي جي علم ۾ مهارت رکندڙ.
• جَغْلَ ج جَغْلَ: ڏ. ڪار اکيو (سياه چشم) ۽ ڏڳهن پَرن وارو شڪاري پکي لَغرَ – جو نرَ.
• جَغْرَ ج جَغْرَڻْ (ڪ): ث. صفت. بلڪل اَپيرو (جويائي).
• جغرلي ج جَغرليُون (ت): ث. اُها ڏور جا باز کي ٽَنگ ۾ ٻڌجي (جڏهن هٿ تي ڪٻو آهي).
• جَفا ج جَفائُون: ث. [ف] ظلم – سِتم – انڌيرَ – زيادتي – تَشَدّدَ – ناانصافي – جور – جارَ – ڏاڍائي – زبردستي – سختي – مارَ ڪُٽَ – ڏُکَ – ڏُنجهہ – درد. تڪليف – دڪ. ڪُشالو – مصيبت. بي وفائي – اُهي ڪَرتب. جن سان ظلم. زوري ۽ بي انصافي ڪئي وڃي.
– جَفاپيشہ، جَفاڪَر: ڏ. صفت. ظالم – ستمگر. معشوق – زيادتي ڪرڻ وارو – ستائيندڙ.
– جَفاشِعار جَفاڪار: ڏ. صفت. ظالم – ستمگر – بيرحم. معشوق – هردم ستائڻ وارو.
– جَفاڪَش: ڏ. صفت. محنتي – سختي سهندڙ. عاشق – اڻ ڏُڪ پورهيو ڪرڻ وارو – اُدرج – هردم ياڻ پتوڙڻ وارو.
• جُفْتَ ج جُفْتَہ: ڏ. [ف] جوڙو – جُت – پِت. پَڌي – پِٽو – "طاق" جو ضد. (صفت). هڪجهڙو.
– جُفتي: صفت. جوڙو – پِٽو – ڳنڍيل – نَرَ ۽ مادي، جو پاڻ ۾ ملڻ.
• جَفَرَ: ڏ. [ع] اهو علم جنهن جي وسيلي غيب جون خبرون معلوم ڪجن – آينده ٿيڻ وارن واقعن جو علم.
– جَفري: ڏ. جفر جو علم جاڻندڙ.
• جَڪَ: ڏ. خارون – سَارَ – وَڏَ (اندر ۾). پُورَ – غصّي ۽ جوش جون حالتون.
– جَڪَ اَڇڻ: خارون اڇڻ – خار اڇڻ – سار اڇڻ – جوش جاڳڻ.
– جَڪَ ڪائڻ: خارون ڪائڻ – سار ڪائڻ. جوش ڪائڻ.
• جَڪَ ج جَڪَ: ڏ. واهه جي تري ۾ پَڌل بند (جو لکڑين ۽ تارن سان پَڌو ويو هجي) – پَنڌ. ڪُجي ڪُوهيءَ جي تري ۾ پَڌل وريو (ڪ). ڊنگر. لَٽين ۽ چارين جا چينيا (جو ڪَنوري، چَر وغيره ۾ بارڻ جو ڪم ڏين). ڪوهه جو جَڪَ (ڪ) هيان، تي جڙهيل گرانهه.
• جِڪَ ج جِڪُن: ث. ڪڪريءَ جي ڪَلَ مان ٺهيل ڊَبي (جنهن ۾ تيل. گيهه وغيره وجهجي). "زَڪ".
• جُڪارَ (ڪ): ڏ. صفت. آڏ ڏيڻ.
• جَڪرِ جَڪَ: مصدر. ساٿو ٿيڻ (جيئن نانگ ڏَنگ هڻڻ کان پوءِ ٿيندو آهي) – بي سَتو ٿيڻ.
• جَڪوڙَ: مصدر. [سن. يَكْت – كَرَڻ] ڪَٽي پَڌڻ – جڪي پَڌڻ – قابو پَڌڻ. سوگهو جهلڻ. ڪَشَڻ. هٿڪڙي هڻڻ

– **جَكڙائڻ**: مصدر. "جكڑڻ" مان متعدي بالواسطه. سوگهو ٻڌائڻ. قابو كرائڻ.

– **جَكڙجَڻ**: مصدر. "جكڑڻ" مان فعل مجهول. سوگهو ٻڌجڻ – قابو ٿيڻ.

– **جكڙي چڌڻ**: ٻڌي چڌڻ. سوگهو كرڻ. كڑي چڌڻ (زنجيرن سان). ٻڌي سوگهو كرڻ. ركوڑي چڌڻ – قابو كري چڌڻ.

• **جِكُس**: ظرف. جيكس – شايد. "جِكس ياد كياس ور وڃي وٺكار ر" (شاهه).

• **جَكڻ**: مصدر. كائيندي. ٽارن يا ٻانڊ وغيره سان كنهن واهه يا موري كي بند ٻڌڻ – ٻندو ڏيڻ. وريو ٻڌڻ (كوهيءَ كي). بَكڻ – بَك كرڻ – يخي هڻڻ.

• **جَكو**: صفت. زندو هڻي لَسو كيل – زَندِ يُلُ.

• **جَڪ**: ث. بَڪ – يخي – جهڳي. جڏو كم. كوڙ – بكواس – جَكَ خارَ.

– **جڪ جڪ لائڻ**: بك بك كرڻ – يخي هڻڻ – بكواس كرڻ – اجايو مٿو كائڻ.

– **جَڪ مارڻ**: اجائي بَك كرڻ – مٿو هڻڻ. كوڙ گالهائڻ. خار كائڻ. ٻڪاكون هڻڻ – بيسود گالهيون كرڻ.

– **جَكي ج جَكي**: صفت. بك كندڙ – يخي هڻندڙ. اجايو گالهائيندڙ – بكواسي.

• **جُڪ**: ث. [سن. جُشْ = ايذاءُ رسائڻ]. ايذاءُ – دَرد – ڏُنجهو. مصيبت – تكليف – كُنڪو – گهٽي – فكر – جهوري – آنڊ مانڊ.

• **جَكات (ل)**: ث. جَتي.

• **جُكائڻ (ت)**: مصدر. "جكڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏكوئڻ – تكليف ڏيڻ. رنجائڻ. گهٽيءَ ۾ وجهڻ.

– **جُڪ جُڪ هڻڻ**: گهٽي هڻڻ – اُلكو هڻڻ – فكر هڻڻ – اونو هڻڻ. آنڊ مانڊ هڻڻ . كُنڪو لڳڻ.

• **جَكرَ (ت)**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَكرَ**: اسر خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكرا**: اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **جَكرادي**: اسر خاص. تعلقي ڪوٽ محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكرالو**: اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جكرائي**: اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (5 پاڙا. سابرائي يا ساڻائي. درگٽي. موجائي. دودائي. سياه ڪائي). تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكرائو**: اسر خاص. تعلقي سنگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكرو**: اسر خاص. جكرن جي قبيلي جو – وڏو سخي سنڌ جو هڪ حاكم "جام جكرو". تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكريُ**: اسر خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَكوَ (ت)**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَكوءُ**: مصدر. بَكڻ – بَك كرڻ – جهڳي هڻڻ. اجايو مٿو هڻڻ. فعل كرڻ. كاوڙجڻ. كار كائڻ – جك مارڻ. "گولي گهاگهائي گهڙي جت جكن تا جاتار" (شاهه).

• **جُكَنُ**: مصدر. ڏكڻ – سُور ٿيڻ. ايذاءُ ٿيڻ. ياد اچڻ – هُرَن. اونو ٿيڻ – گُٽتي ٿيڻ. اوسيڙو ٿيڻ. چِڪڻ (قت).

– **جُكُنو ج جُكُنا**: صفت. ڏكوئيندڙ. چِڪندڙ (قت) گُٽتيءَ وارو.

– **جُكِڻي ج جكڻيون**: ث. گُٽتي – فكر

• **جَكِي (ڪ)**: ث. يخي – جهڳي.

– **جَكِي هڻڻ**: جهڳي هڻڻ – يخي هڻڻ – بكواس كرڻ.

• **جُكِي ج جُكيون**: ث. ڏك – اَهنج – ايذاءُ. مصيبت – ڏُنجهو. ڏك بَكَ. "جو راءِ وٽ رات رهي. تنهن كي جكي جانكيتان نه ٿئي" (شاهه). هيچ (ڪ). لالچ (ڪ).

• **جگ ج جَگَ**: ذ. [انگ. Jug] پاڻي وغيره وجهي ركڻ جو ٽاڻءُ وڏو پيالو جنهن ۾ هٿيو هجي – گهڳهي – صَراحي.

• **جَگاڻي ج جَگاڻي**: ذ. صفت. خيرات يا زكواة وٺڻ وارو.

• **جُگت**: ث. بندگي. خيال. ڌيان. استغراق. مُراقبو.

• **جگتي (ت)**: ذ. صفت. هڪ خيال وارو – يكسو – اِسْتِغْراق يا مُراقبو كندڙ. ڏسو جَگت.

• **جَگدالي**: ث. جدگالي (سنڌي برلي جيكا كي قبيلا بلوچستان ۾ گالهائين).

• **جِگر، جِگرُ ج جِگرَ**: ذ. [ف. جگَر] پيٽ جي رئيس عضون مان هڪ جو نالو – جيرو – كليجو – دل – جيءُ – جان _ طاقت – زور – بَلُ – همت – حوصلو – جرائت – مَجال. ويجهو عزيز – رَتُ. سجڻ – پيارو – محبوب – معشوق. اولاد. دوست.

– **جگر بَنْد**: ذ. پٽ. تمام ويجهو عزيز جهڙوڪ پاڻ. وغيره. جان كان به پيارو.

– **جگر جگر هڻڻ**: پنهنجو وري به پنهنجو هڻڻ – عزيز كهڙي به حالت ۾ وري به عزيز آهي – پنهنجي جو سڀكو خيال ٿو ركي.

– **جگر جو رَت پيئڻ**: كاوڙ مارڻ. تكليفون ڏسڻ – ڏكڙا سهڻ.

– **جگر دوز**: ذ. صفت. جيري تي اثر ڪندڙ – جگر ساڙيندڙ.

– **جگر کي شاباس هجڻ**: همت كي آفرين هڻڻ – حوصلي كي شاباس

هڻڻ. آفرين هڻڻ – دليريءَ جو ڪم ڪرڻ.

– **جگر گوشہ:** ڏ. پُٽ. جگربند.

– **جگر ڦاڙڻ:** سخت صدمو رسڻ. ڪنهن جي مصيبت ڏسي نہ سگهڻ. هيڻون ڦاڙڻ (ڏک، صدمي وغيره ڪان)، مري وڃڻ.

– **جگري:** صفت. جگر جو – دل وارو – دلي "جگري ڏک. وغيره". پياروـ دل گهريو – سجو – گهڻو دوست – عزيز وغيره.

– **جگري ڏک:** ڏ. جگر وارو ڏک – سخت صدمو. موتمار ڏک – لاعلاج مصيبت يا صدمو. اهڙو داغ جو ڏوبي نہ سگهي.

– **جگري ناتو:** ڏ. دلي گانڍاپو – رت جي مائٽي. ڏاڍو پياروـ گهاتو. سُهڻڻ.

• **جَگراڻي (ڪ):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَگسي:** اسر خاص. [سن. جَگتْ + نات = دنيا جو مالڪ] ايشور جو صفاتي نالو. نات ڏرم وارن تي هڪ گروءَ جو نالو.

• **جَگيُس جَگيِري:** ٿ. اها رقم جا هڪڙي بينڪ مان ٻي، بينڪ ڏانهن موڪلجي.

• **جَگُ ۾ جَگ:** ڏ. [سن. جَگتْ] دنيا – جهان – سنسار – عالَمُ – زمانو – مخلوق.

• **جَگُ ۾ جَگ:** ڏ. [سن. يڄُ. يڄْ = قرباني، سان پوجا ڪرڻ]. قرباني – يڳ. ڪرڻ ڏرمي يا يڄ جو ڪم.

– **جگ آڌارُ:** صفت. دنيا جو پروسو. خدا تعالىٰ.

– **جَگ بيتيُ:** جيڪي ڪجهہ بين تي گذري رهيو هجي. زماني جون حالتون. قصا – ڪهاڻيون.

– **جگ پالُ:** صفت. جڳ کي پالڻ وارو – رزاق.

– **جَگ پتيِ:** ڏ. صفت. دنيا جو مالڪ. حاڪم.

– **جَگ جاتيِ:** ڏاڍو مشهور. مُلڪن ۾ مشهور – وڏي معرفت وارو.

– **جگ جي نائيِ ٻڌجڻ:** سڀڪنهن جو بنا اُجوري ڪم ڪرڻ. مفت ۾ خدمت ڪرڻ.

– **جَگ ڏاتا:** ڏ. صفت. ملڪ جو والي – بادشاهہ.

– **جگدِيش:** ڏ. صفت. [سن. جَگدِيشْ. جَگتْ = جهان + ايشَ = حڪمران. ايشْ = حڪم هلائڻ]. سڄي جهان جو مالڪ – ايشور.

– **جگ ڏام ڪرڻ:** دنيا کي فيض رسائڻ – عام خلق جي خدمت ڪرڻ.

– **جگ ڪرڻ:** ڏرمي يڄ. سادو فقيرن ۽ عام خلق کي کارائڻ. ڏسو "جڳ".

– **جگياسي:** ڏ. ايشور جو طالب – سجو درويش.

• **جَگُ ۾ جَگ:** ڏ. [پرا. جَگَ. سن. يُگ] زمانو – وقت – دؤر – عرصو – ايام. (هندو فلسفي موجب دنيا کي پيدا ٿئي چار جگ ٿيا آهن. ستَ جُگ. تريتا جُگ. دواپر جُگ. ڪلجُگ) ۲. جُگ (سن. يُگْمَ) جوڙو. باجاري وغيره

– **جُگان جُگ:** ظرف. زماني کان – عرصي کان. پيڑهين کان – آوائل کان.

– **جُگ ۾ ڀڌڻ:** جوئا راند ۾ داءَ هارائڻ. اِتي ڏَڪَر راند ۾ ڇهہ ڏَڪَر پورا ٿيڻ.

– **جُگ جُگ:** ظرف. هميشہ ـ سدائين – دائمي – اَبدي.

– **جُگ ڦيڻ:** جوئا راند ۾ هڪ چيلي ۾ گڏ ٽيل سارين جو ڦيڻ: جوئا راند ۾ هڪ چيلي ۾ گڏ ٽيل سارين جو ڦيڻ يا ڌار ٿيڻ. "جُگ جني جا سيئي سلامت. جا ڦيٽي سا ماريِ" (شاهہ).

– **جُگ ۾ ڪرڻ:** گڏ ڪرڻ – جوڙ ڪرڻ.

• **جُگائڻ:** مصدر. لهڻ – لهي اچڻ – موزون هڻڻ. مناسب هجڻ.

– **جُگائيندو جگائيندو:** صفت. جگائيندڙ – لهندڙ. مناسب – لائق.

• **جَگتَ ج جَگتَ:** ڏ. [سن. جَگتْ. گَمْ = وڃڻ] جهان – دنيا – سنسار – ڪائنات – جُگُ – عالَمُ.

• **جَگتَ:** ٿ. [سن. پَڪْتِهُ] سنيال – خبر گيري – خيال – جوڙتوڙ – ناهہ ٺوهہ – سازش – صفائي – سڻائي – پرهيز – رَکَ – ڪِري – ڪاريگري – چالاڪي – هوشياري – استادي – طرز – ڍَنگُ – انداز – قدرت جو پيدُ – دليل – تجويز.

– **جَگتِي ج جُگتِي:** ڏ. صفت. سنيال وارو – سنجڻ وارو – ڪرياتو – رَکَ وارو – پرهيزگار – مُتَقِي.

• **جُگتَ، جُگتِي (ت):** ڏ. ايڪو – ٻڌي – اتحاد – ناهہ – صلح – هيڪڙائي.

• **جُگت سِنگ:** اسر خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جُگتِيائي:** اسر خاص. هندن (عاملن) جي هڪ آڪهہ جو نالو.

• **جَگتَ (ل):** ڏ. جَگتَ – جُگُ – دنيا – سنسار – عالَمُ – جَهان. ڏسو "جَگتَ".

• **جَگپال:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو – جهان کي پالڻ وارو.

• **جَگَڊ ج جگڊون (ڪ):** ٿ. صفت. ٻنهہ اُپري (چوياڻي) – جَڳَ. (ڪ).

• **جَگسِياڻي:** اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جگناڻي:** ڏ. ڪيڙي جو هڪ قسم (جو اُجو ٽڻي)، اُهو ٽان، جنهن ۾ جوگي فقير ڪاڏو تيار ڪن. ڏسو "جگنتان".

• **جَگَنُ:** مصدر. روشن ٿيڻ – ٻرڻ. چمڪڻ. ڏسڻ – ڏِسڻ (باهہ). جاڳڻ

(نند مان).

• **جگسُو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَگْهه، جَگْهه ج جَگْهُون، جَگْهيُون:** ث. [ف. جگہ] هنڌ – ماڳ – جاءِ ـ جوءِ ـ آستان. گهر – منزل – ٺڪاڻو – موقعو – مڪان. بيلڪ. رستو – لنگهه. تڪري (زمين جي) – وُسعت – گنجائش. عُهده ـ آسامي – ملازمت.

– **جَگْهه ڏيڻ:** جاءِ ڏيڻ. ويهارڻ. نوڪري ڏيڻ.

– **جَگْهه ڪرڻ:** جاءِ ڪرڻ. هٽي هنڌ ڪرڻ. پاڻاري ٺاهڻ.

• **جَگْهياسي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جَلَّ:** فعل ماضي. [ع] وڏو ٿيو (وڏو آهي – شان وارو آهي).

• **جَلَّ جَلالُه:** جملو. وڏي آهي اُن جي بزرگي! وڏو آهي هن جو شان!

• **جَلْ:** ذ. [سن. جَلْ = پاڻي] پاڻي – آبُ – جَرَ – نِيرُ (گوڙهن جا).

– **جَلُ قَلْ:** ذ. پاڻي ۾ خشڪي – جَر ثَرُ.

– **جل ٽل ڪرڻ:** ٻوڙ ٻوڙان ڪرڻ. پاڻي ٽي پاڻي ڪرڻ. (مينهن يا ٻوڏ جو).

– **جَل پاڻي ڪرڻ:** نيرن ڪرڻ.

– **جل پرلئي:** ث. ٻوڏ – زبردست ٻوڏ. ڏسو "پرلئي".

– **جَل پُڇهي:** ذ. آبي پکي – پاڻي جو پکي.

– **جَل مانس، ماڻهو:** ذ. هڪ قسم جو خيالي ماڻهو جنهن لاءِ چون ٿا ته سمنڊ ۾ اندر رهندو آهي.

– **جَل ماڻهو هجڻ:** عجب جهڙو ماڻهو هجڻ.

– **جَل هٽي:** ث. تمام وڏي ٻوڏ.

– **جَلِئي:** پاڻيءَ واري – آبي. "جلئي جُڳپت" جي سيئي حاضر ۾ حڪماً". (فقير محمد ماچي).

• **جَلْ نِرَ:** ث. لوٽڪ جهڙو سنهڙن پنن سان ٻوٽو.

• **جَلُ ج جَلْ:** ذ. ساڙُ – ڪامَ – پَچُ. "ڪارون وس وڏا ڪري، اٽس جوش گهٽائي جل" (رمضان واڌو). ڪاوڙ جو اُڏامو. جَڪُ – جولانُ – سوزُ. باهه – ساڙو.

– **جَلانُ:** رندڪ – جهل. ساڙ. "ت ڪيئو ويجاري، وس وڏو. پر جلان ڪي جبلن" (ميون عيسو).

• **جَلُ ج جَلْ (ڪ):** ذ. ڏاڻ مان ٺهيل غاليچو. فراسي. ڪيس وغيره جو اُٺ جي پاکڙي تي وڇهڻ يا هنڌ تي وڇائڻ لاءِ استعمال ٿئي). زَجُ جو هڪ قسم (ڪ).

• **جَلا:** ظرف. [ع. جَلاَ = نيڪالي ڏيڻ] ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ – لوڏي ڪڍڻ. هي لفظ "وطن" سان گڏ استعمال ٿيندو "جلاوطن".

– **جَلاوَطنُ:** صفت. وطن کان باهر – ملڪ مان لوڏيل – وطن کان ٽوڙيل.

– **جلاوطن ڪرڻ:** ملڪ نيڪالي ڏيڻ – ديس نيڪالي ڏيڻ.

– **جلاوطني:** ث. ملڪ نيڪالي – ديس نيڪالي.

• **جِلاءُ:** ث. [ع. جَلاَ = چمڪائڻ] چمڪو – اوجر – صفائي. روشني. رونق.

– **جِلاءُ ڏيڻ:** چمڪائڻ – اُجارڻ – صيقل ڪرڻ.

• **جُلابُ ج جُلابَ:** [ف] دست آڻيندڙ دوا. دَستَ – پيٽ – اِسهال.

– **جُلاب ڏيڻ:** دست آڻيندڙ دوا ڏيڻ. هَنگائڻ (تڪليف ڏيئي).

• **جَلاجِل:** ذ. [ع. جَلْجَلَ = وَجڻ – گُنجڻ] ساز جو هڪ قسم – جانجهه.

• **جَلادُ، جَلاَدُ ج جَلاَدُ:** ذ. [ع. جَلَد = چهبڪ هٽڻ] چهبڪ يا ڪوڙا هڻڻ وارو – ڪَلُ لاهڻ. قتل ڪندڙ يا قاسي ڏيندڙ. اهو ماڻهو جنهن تي قانون طرفان ماڻهوءَ کي قاسي ڏيڻ جو ڪم رکيو ويو هجي. ظالم بي رحم. جفاڪار – ڪلور – وڏو پاپي – معشوق.

– **جلاد پڻو:** ذ. ظلم – بي رحمي – بي قياسي.

– **جلاد فلڪ:** ذ. مريخ – منگل (گره).

• **جَلادَتَ:** ث. [ع] بهادري – جوانمردي. چُستي – قُرتائي. زور – بَلُ – طاقت – شڪهه.

• **جَلالُ:** ذ. [ع] بزرگي – وڏائي – عظمت. شانُ – دَبدبو – شوڪت. غصو – ڪاوڙ – ڏَمر – جوش. (اسم خاص) تعلق ميرو خان ۾ هڪ تبي ۾ ديهه جو نالو.

– **جَلالَتُ:** ث. عظمت – شان شوڪت – وڏائي. جوش – غُصّو – ڪاوڙ – ڏَمر – قَهر – غضب.

– **جَلالِي ج جَلالِي:** ذ. صفت. جلال وارو – غضبناڪ – جهيڙاڪ – سخت ڪاوڙ ڪندڙ.

• **جَلالاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تندي محمد خان. ڪوٽ ڏيجي ۾ فيض گنج تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَلال پُور:** اسم خاص. تعلقي نَٽَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَلالِجي:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَلانُ:** صفت. چڙيل – ٽرڪ ڪيل. (اسم خاص) تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَلاوَتَ:** ث. جَلڻ – ساڙ – حَسَدَ – تيسو – ڪار.

• **جَلاوُنُ:** مصدر. [سن. جْوَلْ] باهه ڏيڻ – ساڙڻ – بارڻ. حسد ڏيارڻ – ساڙ ڏيڻ. ريس ڏيڻ.

– **جَلاوُ ج جَلاوُ:** ذ. صفت. جلائڻ وارو – جَلائيندڙ – ساڙيندڙ. بارڻ لاءِ (ڪاٺي).

– **جلائي جڏڻ**: سائڙي جڏڻ – باري جڏڻ (جيءَ، اندر، جسم) طعنا تڪا ڏيڻي اندر سائڙڻ.

• **جَلَب**: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَلباڻي**: اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. واره. نوشهري. ڳڙهي خيري ۽ ميرواهه تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جلبو** ج جَلبا: ڏ. جلوو.

• **جَلْتَرنگ** ج جَلْتَرنگ: ڏ. ساز جو هڪ قسم (پاڻيءَ سان پريل پيالا. جن کي ڪاٻين سان وڄائي مختلف آواز ڪڍجن).

• **جَلْتو**: صفت. سڙندڙ – ٻرندڙ – جَلندڙ. جوش ۾.

• **جَلَب**: روشني. سيڪ. "جَلب جَلندي نہ ڏئي. سانديءِ سگهي نہ سورا" (ميون عيسى).

• **جَلْجِلو (ت)**: ڏ. ڪاوڙ – غُصو. ڪنبڻي.

• **جَلْد**: ظرف. [ف] ٽيڪو – تڪڙو – تيز – سگهو – جهٽ پٽ – ٽُرت – بنا دير. ٽوري دير ۾. يڪدم – فوراً.

– **جَلْدائي** ج **جَلْدائيون**: ٿ. سيگهه – تڪڙ – ٽيڪائي – تيزي – سختي. "جبل جلدائيون ڪري، ٽيڪ ڏيکاري تاءُ" (شاهه).

– **جَلْدباز**: ڏ. صفت. تڪڙ ڪندڙ – بي موقعي جلدي ڪندڙ – هميشه تڪڙو ڪم ڪندڙ – اُڌرائي ڪرڻ وارو – ڏيرج يا ويچار نہ ڪرڻ وارو.

– **جَلْدبازي**: ٿ. تڪڙ ـ شتابي – اُڌرائي – تيزي – ٽيڪائي.

– **جَلْد بِجَلْد**: ظرف. جهٽ پٽ – تڪڙو – تمام جلد – هاڻي جو هاڻي – هٿي جو هٿي.

– **جَلْدي**: ظرف. سگهو – جهٽ پٽ – جلدي. (ٿ) سيگهه.

• **جِلْد**، **جِلْد**: ڏ. [ع] ڪلَ – ڇمڙو. ڪتاب جو مٿيون ڍڪ – پوش (ڪتاب جو). ڪتاب جو هر هڪ ورڊو حصو (جو جدا ڪتابي صورت ۾ هجي).

– **جِلْد بَنْدُ**: ڏ. ڪتابن کي جلد بڌندڙ – جلد ساز.

– **جِلْد بَنْدي**: ٿ. ڪتابن کي جلد بڌڻ جو ڪم – جلد سازي.

• **جَلْسو** ج **جَلْسا**: ڏ. [ع. جَلْسه > جَلَس - ويهڻ] مجمع – هُجوم. مجلس (وعظ، راڳ وغيره جي) – محفل (خوشيءَ جي). ناهه ٿوهه – هار سينگار – نماءُ – ڏيکاءُ. نماز ۾ سجدو ڪري پهريون دفعو ويهڻ – خطيب جو ٻن خطبن جي وچ ۾ ويهڻ.

– **جَلْسو ڪرڻ**: ڪنهن خاص موقعي تي ماڻهو گڏ ڪرڻ. هار سينگار ڪرڻ.

• **جَلْغوزو** **جِلغوزو**: [ف] ڏ. ڏيال جي وڻ جو ڦَرُ. نيزو (هڪ خشڪ ميوو).

• **جَلْڪاٽُو** ج **جَلْڪاٽا**: ڏ. صفت. چالاڪ – تڪڙو – ڦُرٽ – چُست – تيز – ٽيڪو

• **جَلْق**: ٿ. [ع] مَٺِ هٿ – مشترَبي.

• **جَلَك** ج **جَلكُون** (ڪ): ٿ. اُها ڪاءِ جا سُٽَ. اُنَ وغيره وَٽڻ ۽ ڏيرِي ناهڻ ۾ ڪم اچي.

• **جَلَك** (ڪ): ڏ. جٽن ڪاٻين مان ٺهيل ائٽ جو ڇِڪرو.

• **جَلِڪَارَ** ج **جَلِڪارُون**: ٿ. چمڪ – تجلّو – چمڪات.

• **جَلَك ڏُنگو** (ڪ): ڏ. پرت جو هڪ قسم.

• **جَلَنْدَر**: ڏ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيٽ ۽ پاڻي پرجي ويندو آهي ۽ پيٽ ڦوڪجي ويندو آهي). اُلِيءَ (جي بيماري).

– **جَلَنْدَري**: صفت. جلندر جي بيماري وارو. جلندر شهر جي رهڻ وارو.

• **جَلْهُ**: مصدر. [پرا. جلڻ. سن. جْوَلَن. جُوْلْ - ٻرڻ] سڙڻ – ٻرڻ – ڪامڻ – ڇڄڻ. ڇسڻ. حسد ڪرڻ – ساڙ ڪرڻ – پوسڻ. رَڇهڻ (اندر ۾) – ڪڙهڻ – رشڪ ڪرڻ.

– **جَلْهُ** ج **جَلْهَ**: ڏ. ساڙ – جَل – ڪامَ – ڇِڄ. حسد – بُغض.

– **جَلِڻي** ج **جَلِڻيُون**: جلڻ جي حالت – ڪامَ – ڇِڄ.

• **جَلْهُ**: مصدر. ذليل ٿيڻ – خوار خراب ٿيڻ.

• **جلو (ل)**: ڏ. جَلهُ – ساڙو – ٻارڻ. آزار – مصيبت. ڏک – رنج. "آنکي آريءَ جام جو جيڏيون ناه جلو". (خليفو نبي بخش).

• **جَلوتي**: ٿ. پسارڪي وڪرجو قسم.

• **جلوءَ**: ڏ. لَغامَ – واڳ. ڪوتل گهوڙو (جو اميرامرا اڪثر سينگاري پاڻ سان ڪندا هُٺا). شان شوڪت. نَٽَ (سواريءَ جو). تجمل – رَونَقَ. همراهي – ساٿ.

– **جَلودار**: ڏ. اهو ماڻهو جو گهوڙي جي واڳ وٺي هلي يا گهوڙي سان گڏ هلي – نوڪر چاڪر – حاضرباش – اَردلي.

• **جَلُوان**، **يَلُوان**: (ل): صفت. جريو – اڏ مغزي. پاڳل – بيوقوف.

• **جَلوَت**: ٿ. [ع. جَلْوَة] عام جاءِ. ظاهر داريءَ. خِلوت جو ضدّ – سڀني جي سامهون – ڏيکاءُ – نُمايش.

• **جَلوَتِري**: ڏ. گل جو هڪ قسم. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم.

• **جَلُوس** ج **جَلُوسَ**: ڏ. [ع. جَلَس = ويهڻ] تخت تي ويهڻ. بادشاهن يا اميرن جي سواري. ڪنهن خاص موقعي تي گهٽن ماڻهن جو گڏجي گشت ڪرڻ. شهر گشت.

• **جلوو** ج **جلوا**: ڏ. ڏسو "جَلْوَهْ".

– **جلوو ڏيکارڻ**: جلوه ڏيکارڻ – ديدار ڪرائڻ – درشن ڏيڻ.

– **جلويدار**: صفت. جلوه دار – رونقدار – چمڪندڙ – تجلّي ڏيندڙ.

• **جَلْوَهْ**: ڏ. [جَلوَ = روشن ڪيو] ماڻهن کي پاڻ ڏيکارڻ جي حالت – نظارو – ديدار – روشن. ڏيکاءُ. تجلو. رونق – چمڪو – نٽ – پيڪر – نُور – مڻيا – پرتاب. شان – ناز و انداز سان هلڻ.

– **جلوه آرا:** ذ. صفت. ديدار ڏيڪارينڌڙ – هار سينگار ڪري درشن ڏيڻ وارو.
– **جَلوه آرائي:** ث. ديدار – نظارو – روشن. نمايش – ڏيکاءُ – تجلي.
– **جلوه افروز گر نما:** ذ. صفت. خاص سينگار ڪري ديدار ڪرائڻ وارو.
– **جَلوه افروزي، گري، نمائي:** ث. جلوه آرائي – سينگار ڪري پاڻ پسائڻ جي حالت – بزرگن جي زيارت – نوراني چهري جو درشن ڏيڻ.
• **جَلوه دار:** ذ. صفت. جلوي وارو – روشن – چمڪندڙ. ڏيکاءُ وارو – رونق وارو – تجلي دار.
– **جَلوه گاه:** ذ. اُها جاءِ جتان نظارو پسجي. نظاري وارو هنڌ. ديدار يا درشن ڪرڻ واري جاءِ. زيارت ڪرائڻ واري جاءِ.
• **جَلويدار،** صفت. جلوه دار – جلوي دار. روشن – چمڪندڙ – تجليدار.
• **جِلهَ:** ث. هڪ رسم طور شاديءَ جي موقعي تي گهوٽيءَ جي زال جو ڪنواريءَ جي گهر ۾ قطار ٻڌي آهستي آهستي هلڻ.
• **جُلهِهَ ج جُلهُون:** ث. [سن. ع. جَرْح]. ڪاهه – هلان – حملو – اَلر. ماڻهن جو ميڙ (ڪ). خون جو معاوضو (سگ جي صورت ۾. جا ڪوهستان جي رسم آهي).
– **جُلهِ ڪرڻ:** حملو ڪرڻ – اَلر ڪرڻ. ڌَپائڻ.
• **جُلهُ (ت):** ذ. جُلهِ. ڪاوڙ.
– **جلهُ ڪرڻ:** جُلهِ ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.
• **جَلي:** صفت. [ع] ظاهر – جتو – ٻڌرو – ڪليل. ڏاڍيان – وڏي آواز ذڪر – ("خَفي" جو ضد). وڏا جتا اکر.
• **جِلي (ڪ):** ذ. ڳاهه جو هڪ قسم (پن جهل جهڙا ٽين).
• **جَليبهَ ج جَليبَه:** ذ. غلام – ٻانهو – خريد ڪيل نوڪر.
• **جِليب:** صفت. مٺو – شيرين. جليبي.
• **جِليبَرُ (جليبا):** ذ. ٿوٽ. ڏاس جو ٽهيل ڏگهو ڪوٽ (ڪ).
• **جِليبي ج جِليبيُون:** ث. مٺائي جو هڪ قسم – بيسڻ ۾ ڪنڊ جي چاش مان ڏَرَ وَڪَڙ ٿي تيار ڪيل مٺائي – گُهَرُ.
• **جِليبيُون (گه ل):** ذ. پرت جو هڪ قسم – گول گول ٽڪڙن وارو پَرت.
• **جَليجي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جَليس:** ذ. صفت. [ع. جَلَس = ويهڻ] پرسان ويهڻ وارو – گڏ ويهندڙ – سائي – صُحبتي – گڏ گذارينڌڙ.
• **جَليل:** ذ. صفت. [ع. جَلّ = وڏو ٿيو – وڏو ٿيڻ] وڏائيءَ وارو – وڏو – بزرگ. شان وارو. جلال وارو. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. "الست ارواحن کي. جڏهن جاڳايو جليل" (شاهه).
– **جَليل القَدر:** ذ. صفت. وڏي قدر ۽ منزل وارو. وڏي شان وارو – وڏي مرتبي وارو – عالي مرتبه.

• **جَمْ:** [ع] انبوهه – هجوم. ميڙ – جماعت.
– **جَم ڪرڻ:** جمع ڪرڻ – گڏ ڪرڻ. "تِرَ نہ نيندين تنهن مان. جو جوڙي ڪيڙ ءِ جَمْ". (مراد فقير).
– **جَمِ غَفِير:** ذ. وڏو مجموعو – وڏو هجوم – انبوه ـ ميڙ – ميلو.
• **جَمِ:** ظرف. هڪ جاءِ ـ اسٽر – آرام. "هنيون جم نہ جاءِ. سدا اوڍ وڃ جيئن".
• **جَمْ:** ذ. [سن. يَمْ موت جو ديوتا] ڪال – موت. سخت سزا – سيکت.
– **جَم ڊِيڻ، جَمْ ڏئي چڏڻ:** سخت سزا ڏيڻ. مار ڏيڻ – ڏَڪ ڏيڻ چڏڻ.
• **جِمِ:** ظرف. [جئن + م > جِم] متان – شايد "جِمِ جهلجي واءِ کين. مندڙيون موتن" (ميون عيسى).
• **جَمْ:** [ف] ذ. جمشيد بادشاهه جي نالي جو مُخَفف.
• **جَماتَ ج جَماتُون:** ث. "جماعت" جي بگڙيل صورت.
– **جَماتي ج جَماتِي:** ذ. جَماعتي.
• **جَمادَ ج جَمادات:** ذ. [ع. جَمَد = جمڻ] اها شيءِ جا جنهن ۾ وڌڻ ۽ ويجهڻ جي قوّت نہ هجي (جهڙوڪ پٿر. ڌاتو وغيره) يي جان شي.
• **جمادي الآخر جمادي الثاني:** ذ. [ع] هجري سال جي ڇهين مهيني جو نالو.
• **جمادي الاول:** ذ. [ع] هجري سال جي پنجين مهيني جو نالو.
• **جَمارالِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (ت). تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَماري (ڪ):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جَمازُ (ث):** مصدر. جمائڻ (ڪير وغيره).
• **جَمّازُ ج جَمّازَ:** ذ. [ع. جَمَزَ – ٽڪو هلڻ] ٽڪو هلندڙ اُٺ. (مهري) اُٺ سوار. ث. [بلوچي] اُٺ جي هڪ هلڻي. ٻنڌ يا رفتار جو نالو.
– **جَمّازي:** ذ. صفت. اولي. پانڌيڙو.
• **جَماع:** ذ. [ع. جَمَعَ = گڏ ڪرڻ] مُباشرت – مُجامعت. سنجوگ. هَمبستري – مرد ۽ عورت جو ميلاپ.
• **جَماعَتَ ج جَماعَتُون:** ث. [ع. جَمَعَ] گروهه – ٽولو – ميڙ (ماڻهن جو). سڀا – محلس. نماز ۾ گڏجي صفن ۾ بيهڻ وارو ٽولو. سنگت. فقيرن جو ٽولو. رمل جي سورهن شڪلين مان هڪ شڪل جو نالو.
– **جَماعَتي ج جَماعَتِي:** ذ. صفت. جماعت جو – جماعت وارو. نمازي. سنگتي – ساٿي – همراهه – ساڻئي ٽولي وارو.
• **جُماڳي ج جُماڳيُون:** ث. جمعي جي ڏينهن ٻارن کي پڑهائڻ جي

عوض مليل خرچي، جمعي جي خرچي.

• **جَمالُ:** اسر خاص. گهرٽڪي، ڪنڊ ڪوٽ ۽ ڍڳهڙي تعلقن ۾ ڏيهن جو نالو.

• **جَمالُ** ج **جَمالَ:** ذ. [ع. جَمْل = سهڻو ٿيڻ] سُونهن – حُسن – سوڀيا – خُوبصُورتي – رُوپ. زينت – سُهڻائي. ديدار.

– **جَمالي:** ذ. صفت. جمال وارو. (اسر خاص) خُدا جو اهو نالو جنهن ۾ رحمت هجي.

• **جَمال آباد:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَمالاڻي:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَمالُ گهوٽو:** ذ. بج جو هڪ قسم (جو هڪ ورڻ جو ڦل آهي. دانا پستن جهڙا ٿين. دوائن ۾ جُلاب طور ڪم اچي). جمال گهوٽيو.

• **جَمالو** ج **جَمالا:** ذ. لوڪ گيت – شادي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي ناچ جو گيت "هو جمالو". سنڌ جو هڪ لوڪ ناچ.

– **جَمالو ڳائڻ:** خوشي ڪرڻ – جهمر هڻڻ.

• **جَمالي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. هالا ۽ شهدادڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَمان:** اسر خاص. شهدادپور ۽ ڪبري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُماڻو** ج **جُماڻا (ت):** ذ. [ع. جَمع] جمعي ڏينهن يا جمعرات ميّت کي ڏياريل خَتمو.

• **جُماڻي (ت):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جُمْبُورُ** ج **جُمْبُورَ (ت):** ذ. انبُور (هڪ اوزار جو نالو).

– **جُمْبُورُ وڃهڻ:** انبور وڃهڻ. قابو ڪرڻ – سوگهو ڪرڻ – قاسائي چڙڻ.

• **جُمْپُ** ج **جُمْپَ:** ذ. [انگ. Jump] ٽپو – ٽَپُ – ٻڏ – ڇلانگ – چال – لينگ – اُچانگ.

• **جُمْجُما:** ث. [ع. جُمْجُمَة = کوپري] (اسر خاص) قديم زماني جو هڪ بادشاهه جمجما سلطان جنهن جو قصو ان جي کوپري حضرت عيسيٰ سان ڳالهايو).

• **جُمْجُ:** ث. گِجهه (پکي) جو هڪ قسم اڃا معمولي گِجهه کان وڏي ٿئي.

• **جُمْڈُ [سن. جَمدهر]:** ذ. وڏو چاقو – خنجر. (صفت) ڏبرو – هيڻو (ت). بلڪل پراڻو (ت).

• **جُمَرُ:** ذ. جُمَر – جهڙ – ڪاران. هڪ جبل جو نالو.

• **جُمْرُهُ:** [ع] ڪنڪري – ڇري – حجّ جي ڏينهن ۾ شيطان کي ڪنڪريون هڻڻ جو رُکن.

• **جُمْرُود (اس):** زُمُرُدُ. پشاور لڳ هڪ ماڳ جو نالو.

• **جُمُرُدو** ج **جُمُرُدا:** ذ. ٻيڙيءَ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو.

• **جُمْشيدُ:** اسر خاص. [ف] ايران جي هڪ مشهور بادشاهه جو نالو.

• **جُمْعُ:** ذ. [ع. جَمَعَ = ڳڏ ڪيو] ميڙ – مجموعو. **ڪُلُ** – سڀ – جملي. جوڙ – ميلُ – موڙي "واحد" جو "جمع" ڳهڻا. اها رقم جا وصول ٿئي. وهيءَ ۾ آڻيٽ وارو پاسو. آڻيٽ.

– **جمع الجمع:** ذ. جمع جو جمع.

– **جمعبندي:** ث. زمين جي ڏِلَ مان وصول ڪيل رقم جو سال جي آخر ۾ حساب. ڏِل جو نقشو. حساب ڪتاب جي ڇڪت يا صفائي.

– **جمعبندي ڪرڻ:** زمين جي ڏِلَ جو آخر سال ۾ حساب ڪري ملڪ جي زرعي پيدائش جي ڪل رقم جمع ڪرڻ.

– **جمع خَرچ:** ذ. آمدني ۽ روانگي (پئسن جي). جمع واصل.

– **جمع ڪرڻ:** ڳڏ ڪرڻ – ڪٺو ڪرڻ – ميڙڻ – ليکي جي ڪتاب ۾ آڻيٽ ڪرڻ. حساب برابر ڪرڻ.

– **جمع واصِلُ:** ذ. جمع خرچ. پئسي جي ڏيتي ليتي جو حساب.

• **جَمعْدارُ** ج **جمعدارَ:** ذ. [ف. جمع + دار] ڪمين يا مزورن جو مُک. مزورن کان ڪم وٺندڙ. پوليس ڪاتي جو هڪ عملدار.

• **جمعو جڪرو:** اسر خاص. تعلقي ٽنڈي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جمعو جُمَعُه:** ذ. هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو. جمعي نماز وارو ڏينهن.

• **جُمعِگي:** ث. اها خرچي جا جمع ڏينهن شاگردن کان استاد کي ملي.

• **جَمَعي:** ذ. اهو مائهو جنهن جي سُپرد وصولي ۽ حساب ڪتاب رکڻ جو ڪم هجي. مائهن جو ٽولو جو ڪنهن جي وڏيرپ هيٺ هجي.

• **جَمْعِيّتَ:** ث. [ع] ميڙ – اجتماع – انجمن – تسلي – قرار – سُکون – اطمينان – دلاسو – آڏتُ – آرام – دلداري.

• **جُمَلُ:** ذ. [ت] اُن.

• **جُمَلُ:** صفت. [ع. جُمْلَة] ڪُل – سارو – سڀ – سمورو. (ذ) ابجد جو حساب.

– **جُمْلِگي:** ث. مڙئي – سڀ – سارو – هڙئي – سمورو – جملي.

• **جُملو** ج **جُملا:** ذ. [ع. جمله] جوڙ – ميزانُ – جملہ. علم نحو موجب لفظن جي ستاءِ جنهن مان مطلب نڪري.

• **جُملي:** ظرف. سڀ ڪُل – سمورو.

• **جَمَنُ** ج **جَمَنَ:** ذ. وڏو پيالو. نڪر جو پيالو.

• **جُمَنُ:** ذ. مائهو. جو نالو.

• **جُمُنْڈُ:** ذ. خنجر – تلوار – وڏو چاقو – جُمْڈُ. ڏسو "جمدر".

• **جَمْناسر:** اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• جَمِيني ج جَمِينِيُون: ث. ٻيالي – ٽڪر جي ٻيالي. (جَمَنُ جو مونٿ). ڪَلَ مان ٽهيل ٽوپي، جو هڪ قسم. عَقِيقُ يَمَنِي.

– جَمُود: ذ. [ع. جَمَدَ = جمي وڃڻ] جَمي وڃڻ جي حالت (پاڻي وغيره). جَمرُ – تڪ – ٺاهڙ – بيهڪ. جهالت – بي علمي. بي حسي – ناداني – ڪم رُکجي وڃڻ جي حالت – تَعَطُّل – جَبري اِلتوا – ڪم ۾ زوري ديرو وهڻ جي حالت.

• جَمْهُور: ذ. [ع. جَمْهَرَ] ماڻهن جو وڏو گروهه – جماعت ـ قوم. عوام – ماڻهو – مُلڪ جا رهاڪو – سڀ ملڪ وارا – پبلڪ.

• جَمْهُورِيَّتْ: ث. اُها حڪومت، جنهن ۾ شخصي طرح ڪنهن جي به حڪومت نه هجي، پر هجهه عرصي لاءِ حڪومت هلائڻ لاءِ ڪي ماڻهو چونڊيا وڃن. عوامي حڪومت، جنهن ۾ اڪثريت واري چونڊيل پارٽيءَ جا نمائندا ملڪ جو ڪاروبار هلائن.

• جَمِيعْ: صفت. [ع] جَميعتَ وارو. صبر وارو. خوش – راضي. "تنهنجو قدم پدم نه پاڙيان، جي تون ٿئين جميع". (رسالو).

• جَمِيعَتْ: ث. [ع. جَمْعِيَة] صبر. اطمينان. آرام – قرار. "ناهِ جمعيت جان ڪي، هوت پُڇائا هاڻِ" (شاهه).

• جَمِيلْ: صفت. [ع] سُهڻو – خوبصورت – حَسِينُ. خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• جَمِيلاڻِي: اسم خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• جَنِ ڪُنِ: خبر – سڌ.

– جَنِ ڪُنِ نه هُئڻ: ڪابه خبر نه هُئڻ – ڪڏهن ڪَنَ تي ٿي نه پوڻ.

• جِنِ جِنْ: ذ. [ع] هڪ مخلوق جو نالو. پُوتُ – شِرُ – شيطانُ. ڀُوڇڪي. سرڪش ماڻهو. نه ڇڏماڻهو. مٿي قَريل – چريو.

– جِنُ اِنْسُ: ڀُوڇڪي اِنسُ – جَنُون ٿيڻ – شيطان چڙهڻ. جِنُ پوڻ – آسيبَ جو اثر ٿيڻ.

– جِناڻِي ج جِناڻِي: ذ. صفت. اهو ماڻهو جو جِن پيل ماڻهوءَ مان جِنُ ڪڍي – عامِلُ. جِن پيل ماڻهو.

– جِنُ ڪڍڻ: جِن پيل ماڻهوءَ جو جِنُ لاهڻ. جِرياڻي ڪڍڻ. چنچري لاهڻ – سيڪٽ ڏيڻ. مغز مان واءُ ڪڍڻ.

• جَنِ (ت): ذ. اُهو گوشت جو زَڊي اُٺ کي کارائجي.

• جَنابَ ج جَنابَ: ذ. [ع. جَنَبَ = پاسي ٿيڻ] مُعَزَّز ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ وقت استعمال ٿيندڙ لقب. حضور قبلہ – سائين – حضرت.

– جَنابِ اَعْلىٰ: وڏي عزت وارا – مُعَزَّز صاحب. تحرير يا گفتگو ۾ معزز ماڻهو جو خطاب.

– جَنابِ مَنْ: ذ. منهنجا سائين.

• جَنابَتْ: ث. [ع. جَنَبَ – اَجْنَبَ = پليد ٿيڻ] پليدي – ناپاڪائي – مٽي ميراثي – جُنُبَ.

• جَناحُ ج جَناحَ: ذ. [ع. جَنَحَ] پَرُ – ڪَنيڙائي. بازُو – بانهن. فوج جو بازو.

• جِناحُ: اسم خاص. پاڪستان جي باني ۽ پهرئين گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جي خاندان جو نالو.

• جَناحُ: [ع] گناه ـ ذَوهُ – عِيارَ – ڏوراپو.

• جَناخ ج جَناخُونْ: ث. هَڏو (هسلي، وارو). هَڏي (سيني واري).

– جَناخُون ڪِيو جِڏْ: هَڏَ گَنڍَ پَڇي جِڏْ – اَڻَتَ ماري جِڏْ. ڏاڍي سيڪت ڏيڻ – سخت تَنْبيهَ ڪرڻ.

• جَنازو ج جَنازا: ذ. [ف. جنازه] مَيِّتْ – مُردو – لاش. مردي کي کڻڻ لاءِ تابوت. کٽ، ڊولي وغيره. هندن جي اَرٿي.

– جنازو ڪڍڻ: پِتَ پاراتي طور ڪم اينڊڻ اصطلاح. لاش کَڄڻ. مري وڃڻ.

• جَناوَرُ ج جَناوِر: ذ. جَانوَرَ – ڍور. ۽ ٻيا (جوتَنگا) جان وارو. "جهنگلي جَناور ڪلام ڪَهن ٿا، اگر اِشاري آپَ وَهن ٿا" (محمد حسن شيخ).

• جَنْبُ ج جَنْبَہ: ذ. [سن. جَنْر] جنم – عُمر – حياتي وارو عرصو. "جنب گذاريم جن گڏ. ڏيهه وڃي سي ڏسنديس". (مصري شاهه).

– جَنب ٽِيپ: ث. جنم ٽيپ – عُمر قيد.

– جَنْبِي ج جَنْبِي: صفت. جنم ٽيپ مليل (ماڻهو) جَنمي.

– جَنْبِي وِيرُ: ذ. اصل جي دشمني – عمر جي عداوت – وڏن جي دشمني – قديم عداوت – دائمي ويرُ.

• جِنْبَ ج جِنْبُون: ث. پنر يا سِر جو ٽڪرو – زِنْبَ. مٽيءَ جو پنوڙو. وڏو پٿر.

– جِنبَ اُهلائڻ (ت): مائٽي جوائڻ – سڳَ جي گهُر ڪرڻ – سڳابنديءَ جون ڳالهيون ڪرڻ.

– جنبوڙو ج جنبوڑا (ت): ذ. زِنبوٽو. آلي مٽي جو پنوڙو – وڏو پٿر.

• جُنُبْ: ذ. [ع] مٽي ميراثي – شرعي غسل – تَرُ – پليتائي – ناپاڪائي.

– جُنبِي، جُنبِيو: صفت. مٽي ميرو – ناپاڪ – جنهن تي غسل واجب هجي. "پليت ٿي پاڪ ٿيو. جُنبِيو منجهه جَناب" (شاهه).

• جُنْياهُ: ذ. دبدبو – پيڪر – حشمت – شان شوڪت.

• جُنْبِش: ث. [ف] لوڏو – ڏوڏو – حرڪت – چورڦورُ – جَر پَر – ڏڏڪو. ٽرٽلو.

• جُنْبَڻُ: مصدر. [فـ جنبيدن] لڏڻ – ڇرڻ – حرڪت ڪرڻ. ڏڪڻ. لڳي وڃڻ (ڪر ڪي) – مشغول رهڻ. محو ٿيڻ.
– جُنْبي وڃڻ: لڳي وڃڻ (ڪر ڪي) شروع ٿي وڃڻ – ڇنبڙي وڃڻ.
• جُنْبُو: ذ. گدڙ.
• جُنْبُورُ ج جُنْبُورَ: ذ. هڪ اوزار جو نالو – وڏي اَنبُوري – اَنبُورَ. ڏينهُن. ڪُتي جو هڪ قسم. ڪُتو. "جاڳايس. جنبورَ. ڪتي قربين جي). (شاهـ).
– جُنبورو (ت): ذ. جنبورَ.
• جُنْبُوري ج جنبوريُون: ث. اَنبُوري.
• جُنْبُورو ج جنبورا: ذ. ڏنڊ – ڏرٽو ماري ويهندڙ – جيڪ – ڇنبڙي پوندڙ – جڳا. اهو چوڪر جنهن تي بازيگر پنهنجي بازي ڏيکارين. ڏينهُن.
• جُنْبِيي ج جُنْبِيُون: ث. زڪ جو هڪ قسم (مچي مارڻ لاءِ).
• جُنْبِيلُ، جُنْبِيلُ: ث. ذ. [فـ زَنبيل] جي بگڙيل صورت – ڪِستو – ڏنڊ – زنبيلُ – ڪجي جي ڦرهن جي ٿهيل توڪري – خشڪ ڪُڏو مان ٿهيل فقيرن جو ڪستو – ٽيلهي – جهولي.
• جُنْبِيو ج جُنْبِيا: ذ. هٿيار جو هڪ قسم – تلوار سان گڏ ٻڌي ڪاتي جا بيڊ (ڪمر پٽي) ۾ هڻن. "ڀالون جنبيا تفنگ تپاچا هيون سرواهيون ساڻ" (ڪبير شاهـ).
• جِنْڊُ ج جِنڊُون (ت): ث. ڏسو "جِنْب".
• جُنْهَرَ: ث. جُنگل. (مني، جو). مٽي ڪٺڻ جي ڇنڪلي يا توڪرو.
• جُنْهِڙُ (ت): ذ. گند – ڪچرو.
• جُنْهِڻُ (جُنْهَڻُ): مصدر. ڪٺڻ – ڪٽي وڃڻ – مٽي ڪٺڻ – ڪَنيَڻ – ستَ ڏيڻ.
• جنهي اجهڻ: تڪڙو ڪٽي اَڇڻ. ڪنهي اجهڻ – پڪڙي اجهڻ.
– جَنّت: ث. [ع] باغ – بهشت – سرگ – فردوس.
– جَنّت خاتُون: ث. بهشت جي مالڪياڻي. حضرت بيبي فاطمه (ع) جو لقب.
– جَنّتَ مڪاني: ذ. اُهو جنهن جو مڪان جنت ۾ هجي. مرحوم.
– جَنّتَ نَصيبُ ٿيڻ: بهشت ملڻ (مرڻ بعد).
– جَنّتي: ذ. صفت. جَنّتَ ۾ رهندڙ – بهشتي – مرحومَ.
• جَنْتَرُ ج جَنْتَرَ: ذ. [سن. يَنْتَرَ] اوزار. هٿيار – ڦيٽو – جادو – منتر. مال لاءِ پوکيل گاهه جو قسم.
– جنتر منتر: ذ. ٽوٽر ڦيٽو – دعا ڦوڪو – نگي ٽوڪي – تعويذ – بازيگري – شعبدَه بازي – مڪاري – فريب ڪاري.
• جَنْتِري ج جَنْتِريُون: ث. سال جي تاريخن ۽ مشهور ڏينهن جو تيار ڪيل ڪتابـ ٽيٽو – پنجانگ. ڪئلينڈر (انگ) – لوهه جي سوراخن واري پليٽ جنهن ۾ سُون يا چاندي، جي تار وڌهي ڏڳهي ڪٽي ويندي آهي.
• جَنْهَنْ جَنْهَرِ: ث. جوئر جو هڪ قسم (جا ڳاڙهو اَنّ ڪري).
• جُنْجُ (ل): ذ. ڏوڙ – جُجُ – رڌڻ ۾ گوشت جو ڳري هڏن تان لهي وڃڻ جي حالت.
• جُنْجارُ ج جُنْجارَ: ذ. جُنْجالُ.
• جُنْجالُ، جُنْجَلُ: وبال – آفت – بلا – ڪتراڳ – مصيبت – آزارَ – مونجهارو – جهيڙو – فساد – بکيڙو – اهنج – ڏک – پيڙا – سختي – پريشاني – اهو ماڻهو يا اها ڳالهه جنهن منجهان تڪليف رَسي.
– جُنجال، جنجل ڪڍي، ۾ پوڻ: مصيبت مٿان ڪوڪڻ. آزار ۾ ڦاسي وڃڻ. تڪليف ۾ اچي وڃڻ.
– جُنجال، جنجل ۾ پوڻ: تڪليف ۾ اچي وڃڻ.
– جُنجال، جنجل ۾ پوڻ: مصيبت ۾ پوڻ. ڪتراڳ ۾ پوڻ. وبال ۾ پوڻ. آزار ۾ پوڻ.
– جُنجالي، جنجلي ج جنجالي، جنجلي: ذ. صفت. تڪليف ڏيندڙ – ڏڦائي – بکيڙائي – جهڳڙالو – فسادي.
• جُنْجِهڪُ (ل): مصدر. ترسڻ – بيهي رهڻ – جهجهڪڻ.
• جُنْجِيرُ ج جُنْجِيرَ: ذ. [فـ زَنجير] "زَنجير" جي بگڙيل صورت. حجاب – پڙدو (صفت) پهلوان – همت وارو (لس).
• جُنجهَ (ل): ث. ٽوري نظر – ڏٽو – ڏَپو.
– جُنجهَ لڳڻ: جهڪي نظر پوڻ – پتو پوڻ – ڏٽو پوڻ – هٿ اڇڻ – قبضو ڪرڻ – ڦٻڻ.
• جنجهِڻُ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• جنجهِڻ: ذ. جنجهڻو (هڪ راندیڪو).
• جنجهڻو ج جنجهِڻا: ذ. راندیڪي جو هڪ قسم – جهنجهڻو.
• جِنْجهِي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• جَنْجهِيرِ: اسر خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• جِنڊُ: ث. جانِ .. حياتي – زندگي – بدن. جسم – تن – ساهه (ضمير) خود – پنڊ – پاڻ – پنهنجي سر.
– جند ڇڏائڻ: پاڻ ڪي آجو ڪرڻ – جان ڇڏائڻ.
– جند ڇڏڻ: پچر ڇڏڻ – وڌيڪ تڪليف نه ڏيڻ.
– جِنڊُو: جند جو اسر تصغير. جسر – بت.
– جندڙي ج جندڙيُون: ث. "جِند" جو اسر تصغير.

• **جندا:** ذ. سنڌو درياهه جو هڪ نالو.
• **جُنْدَ پِيرُ:** اسم خاص. زنده پير ـ خواجه خضر.
• **جندائي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **جُنْدُ بيدَسْتَر:** ذ. لشڪري جا آنورا (جي درا طور ڪم اچن).
• **جُنْدُ ـ آهوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جُنْدُ** ج **جُنْدَ:** ذ. [سن. يُنْدُر =] چَڪي (آتي پيهڻ جي) پٿر جهڙي سخت زمين. سُکو پٽ. "جي ساهڙ کي سِکڻ. تنين جَرُ جُنْد ٿئي" (شاهه). جهر جو ڪوس يا هوڪو. (صفت) مضبوط ـ سخت وڏي ديگهه وارو ڪم "اندي ءِ جندَ ـ ٻه ڪاسا پيسي ـ پيهڻ ءِ پيڻهَ".
ـ **جندِ آهوڙائي:** جند جي پڙن کي ٽاڪائڻ يا ڪَهُرو ڪرڻ.
ـ **جندُ آهوڙڻُ:** جند کي ٽڪرڻ ـ جند کي ڪَهُرو ڪرڻ.
ـ **جند آهوڙو** ج **جندِ آهوڙا:** ذ. جند جي پڙن کي ٽڪي ڪهرو ڪندڙ (جيئن اَنّ پيسڻ سگهجي).
ـ **جَندُ اِڀارڻ** ـ **جند ڀاهڻ:** انو مائ مان ڪڍڻ. اَنّ پيهي پس ڪرڻ.
ـ **جندالُو** ج **جندالُوا:** ذ. متيءِ مان ٺهيل ننڍڙو جند (جو ڀارن لاءِ راندڪي طور استعمال ٿئي).
ـ **جند تي ڦُوسي:** صفت. بي وقعت ـ هلڪڙو ـ بي همّت ـ غريب ـ خسيس ـ بي وڻ.
ـ **جندُ جهوڙڻُ (ت):** جند شروع ڪرڻ ـ ڪم کي لڳو رهڻ ـ پيڻهه پيڻهان ڪرڻ.
ـ **جَندِ اُو** ج **جَندِڙا (ت):** ذ. "جند" جو اسم تصغير. ث. جندڙي.
ـ **جندڙي جهوڙڻ:** معمولي جهيڙو ڪرڻ ـ جنگ جي شروعات ڪرڻ.
ـ **جند ڪاهڻ:** اَنّ پيهڻ. مشقّت ءِ ڪشالا ڪرڻ.
ـ **جند ڪُٽي (ت)** ٿ ڪاهل ماڻهو ـ توتي ماڻهو. ڏٽ سان روزي ڪمائڻ وارو.
ـ **جند ڪَڍڻ:** اَنّ پيهڻ. سخت پورهيا ڪرڻ. ڏاڪڻ ڪڍڻ. "جند ڪڍي سسئي. پنهورڙيون پائي "جوڙي".
ـ **جَندِ ي** ج **جَندِيُون:** ث. سارين ڏرڻ واري جَندَ جو مٽيون ٽڪر جو ڍڪ.
• **جَندا، جُندڙا:** ذ. جندا ـ جندڙا ـ وارن جا ڳڇا.
• **جندان:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جَندو** ج **جَندا:** ذ. گهر جو ڪنڊائتي پٽ وارو پاسو (جنهن تي ڪام جو ڇيڙو رکجي). تالو ـ ڪُرف ـ ڪَلف. جندائين پٽين وارو گهر. گول ڪمانين سان ڪاٺيءِ جو ڪجاڻو (ڦر ۽ جنهن سان پري پنڊ تان پائي جا د لا پري ڪٽي آڻجن). "پائي جر جندن ۽ ڪوڏان ڪن ڪهون" (شاهه).
ـ **جَندا پِڇَڻ:** بيج پوڻ (جانور کي). ڏندڻ پوڻ (ماڻهوءِ کي).
ـ **جندامڑي وڃڻ، مڑڻ:** ڏندڻ پوڻ. ڦاٻو ٿي وڃڻ ـ سُڪ ٿي وڃڻ.
ـ **جندانڍ:** ذ. جندي جو وزو.
ـ **جندبو اڃي وڃڻ:** گهر جا سڀ پاتي ٽوٽ ٿي وڃڻ.
ـ **جندبو پارو لکي ڏيڻ:** شادي کان پوءِ مڙس جو ساهرن جي گهر ۾ رهڻ جو اقرار لکي ڏيڻ ـ ساهرن سان گڏ گذارڻ.
ـ **جَندبو جَندي سان ڏيئي ويهڻ:** ٻر ۾ ويهڻ ـ پاڙيسري ٿي رهڻ ـ ويجهو رهڻ ـ گهر گهر سان اڏي ويهڻ.
ـ **جَندبو ملائڻ (ت):** راند شروع ڪرڻ.
ـ **جندبو هڻڻ:** تالو هڻڻ ـ ڪلف هڻڻ. بند ڪرڻ.
• **جَندبوڙا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **جَندي** ج **جَندِيُون:** ث. [سن. يَنْتْر =] ڪاٺ کي گول ءِ لَسي ڪرڻ جو هڪ واڌيڪو اوزار. سارين ڏَرڻ لاءِ مٽيءِ جي اُکِريُ.
ـ **جَندي واڌو:** ذ. جندي ءِ جو ڪم ڪندڙ واڌو ـ وڳهاڻل.
• **جَنرل:** صفت. [انگ. General] فوج جو سڀني کان وڏو عملدار ـ جرنيل ـ سڀ سالار. گهٽو ڪري هي لفظ اڪثر وڏن عملدارن سان استعمال ٿئي. "انسپيڪٽر جنرل. جنرل پوسٽ ماسٽر وغيره".
صفت: عام ـ معمولي ـ عام دستور موجب.
• **جِنْسَ** ج **جِنْسُون:** ث. [ع] قسم ـ نموني ـ اناج. پيداوار. گرامر ۾ نَر ءِ مادي اسمن جو تفاوت (جنس مُذَڪّر ءِ جنس مُؤنّث).
• **جِنْسَ جَڙڻُ:** اَن جي ڏيتي جي هلندي ٿيڻ ـ اَن جو وڪرو شروع ٿيڻ.
ـ **جِنْسَ مِيلُ:** ذ. اُها وهي. جنهن ۾ اناج جي هر هڪ جنس جي آمدني ءِ روانگيءِ جو جدا جدا حساب رکجي (هن وهيءِ مان خبر پوندي ته ڪيترو مال آيو ۽ ڪيترو نيڪال ٿيو).
ـ **جِنْس وارُ:** صفت. قسم وار. هرڪا جنس پنهنجي جنس سان گڏ ٿيل.
ـ **جِنْسي:** ظرف. جنس مان ـ جنس جهڙو ـ ساڳيو ـ ساڳي جنس وارو ـ نموني طور ـ جهڙو ـ جيان ـ مثل.
ـ **جِنْسِيّتْ:** ث. جنس. هڪجهڙائي ـ نسبت ـ يڪسانيت ـ هڪ جنس منجهان هڻڻ جي حالت.
• **جِنْسارُ** ج **جِنْسارَ:** ذ. سينگار ـ ناهه ٽوهه ـ آرائش ـ سجاوٽ ـ گهڻ ڳڻا پائڻ. پوشاڪ ڍڪ.
ـ **جِنْسارَ ڪرڻ:** هار سينگار ڪرڻ ـ ناهه ٽوهه ڪرڻ ـ آرائش ڪرڻ.
• **جِنْسارَڻ:** مصدر. سينگارڻ ـ سنوارڻ ـ بڻائڻ ـ سجائڻ.
• **جِنطِيانا:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي.

• **جَنْكَ ج جَنْڪ:** ذ. [ع. ذوق] ذوق – شوق. "جاهلِ جَنْكَ سُكِن جو. عارف سُور سُهاءِ".
• **جَنْكِي:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَنْگ ج جَنْگِيُون:** ث. [ف] لڙائي – ويڑهه – جَدَ ـ يَدِ ـ آرازو – پيڪار – رَزْم – مَعْرِڪو – ڪيڏارو، جهيڙو – دشمني.
– **جَنْگ آزما:** صفت. لڙائيءَ جو تجربيڪار – لڙائيءَ جو ماهر.
– **جَنْگَا جَنْگِي:** لڙائي، جهيڙو فَسادَ – وٺ پَڪڙ – وَٺَ وَڻان جي حالت.
– **جَنْگاوَرُ ج جَنْگاوَر:** صفت. جنگ ڪندڙ – جنگي – جنگ جو ڪوڏيو – بهادر – پهلوان، ويڙهو – لڙاڪو – جهڪڙالو.
– **جَنْگاهُ:** ذ. وڏي جنگ – وڏي لڙائي – عظيم جنگ – سخت لڙائي، ميدانِ جنگ. "اِئين جئي اَٽليو، مٽي جوان جَنگاهِ" (مولابخش سومرو).
– **جَنْگ ـ پاوَ:** ظرف. جنگ واري حالت – منظر جنگ جو ڪارنامو. "جوڪيي جي جنگ پاوَ جو، پَرو هوند پيو".
– **جَنْگ جُوْ:** ذ. صفت. ويڙهاڪ – جنگ ڪندڙ. جهيڙاڪ – جهڪڙالو – وڙهڻ لاءِ هٽين پوڻ وارو.
– **جَنْگ جُوئي:** ث. جنگ ڪرڻ يا لڙائيءَ جا اسباب پيدا ڪرڻ واري حالت.
– **جنگ و جَدال:** ذ. زباني جنگ ـ لفظن جي لڙائي. جهيڙو فساد – دنگو فساد.
– **جَنْگِي ج جَنْگِيْ:** ز. صفت. جنگ جو – جنگ وارو – سپاهي – شرطي – جنگ ڪندڙ. جوڌو – پهلوان – جنگ جو ڪوڏيو.
– **جَنْگِيْ جُوانُ:** ذ. سپاهي – فوجي. بهادر – سورهيه – سورمو.
– **جنگي جَهازُ:** ذ. لڙائي ۾ ڪم ايندڙ جهاز جيڪو جنگ جي سامان وغيره ۾ ڪم اچي.
• **جُنْگُ ج جُنْگَ:** ذ. صفت. بن ڏينگن وارو نارُ. اهو نارُ جنهن جي ڏينگي تي به مالهون رکيل هجن. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ڪاٻو جهاز جيڏي وڏي شيءِ. (صفت) تمام وڏو. جاڻو. تمام گهرو. بهادر – پهلوان – جوڌو. "جُنْگَ ساماڻي جَکڙي. لَٽو ڏيهن مٿان ڏان" (شاهه). "اچي جنگ جهاز ۾، چڙهيا جگَ ٻَرَ" (جمعو).
• **جَنْگا (ت):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (مهر قوم مان).
• **جَنگال (ث):** ث. مصالح سان ناهيل ڪَلَ.
• **جَنگالُو ج جَنگالَا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **جَنْگشاهي:** اسر خاص. تعلقي ڪٽي ۾ هڪ شهر، ٽيي، ديهه ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
• **جَنْگلاڻي:** اسر خاص. پٺاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.
• **جَنْگلي:** اسر خاص. هڪ ٽڪين جو نالو.

• **جَنْگَمْ:** ذ. فقيرن جو هڪ گروهه (جي جيڏانهن به ويندا آهن ته ٽليون وڄائيندا ويندا آهن).
• **جَنْگَنْ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَنگو ج جَنگا (ل):** ذ. وڏو ونگو. ڏاهائو. ڏاڇيَنِ ڏاهڻ جو ٽاڻ.
• **جَنْگِياڻي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جنگيُر:** اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَنگي گُلَ ج جَنگي گُلْ:** ذ. گل جو هڪ قسم (ڳاڙهي، اڇي ۽ زرد رنگ جا گل ٿين) – زنگي گل. (انگ Oleander).
• **جَنَمُ:** ذ. [سن. جَنمْ < جَنْ = جڻڻ] جَمُ – جَمَڻُ – پيدائش. فرهنگ آصفيه. اَٽڪندِ عُمْرِ ـ حياتي – فطرت – جبلّت – زندگي. سڄي عمر. شروعات – ابتدا. جُوڙ ـ اصل – بنياد – نسل – مُنڊُ.
– **جَنم آشٽَمِي:** ث. جَنم اَنَشٽَنْ. ٻڌي مهيني جي اونداهي پک جي اٺين ٽٻ (جنهن تي ڪرشن مهراج جي ولادت جو ڏَڻُ ملهايو ويندو آهي).
– **جَنم پُومِ، جَنم پُومي:** ث. جمڻ جو هنڌ – وطن – ديس – اباڻو ڏيهه.
– **جَنم پَتري ج جَنم پتريون:** ث. اهو ڪاغذ جنهن تي ٻار جي جمڻ جي تاريخ، وقت، گرهَ وغيره لکيل هجي – ڇڻيءَ جو احوال.
– **جَنم ساکِي ج جنم ساکِيُون:** ث. ڪنهن سالڪ يا درويش جي حياتيءَ جو احوال.
– **جَنم وَڻُ:** جمڻ – پيدا ٿيڻ – ولادت ٿيڻ – وجود ۾ اچڻ.
– **جَنمي:** صفت. پيدائشي – جائي جم ڪان – شروع ڪان – مُنڊ ڪان.
• **جنُو:** اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جُنُوبُ، جُنوبَه:** ذ. [ع] ڏکڻ طرف – ڏکڻ.
– **جَنوبي:** صفت. ڏاکڻيون – ڏکڻ وارو.
• **جنوڻُ (ث):** ذ. شادي، جي ماڻي.
• **جَنُوهِي:** اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَنوري:** اسر خاص. [انگ. Junuary] عيسوي سال جو پهريون مهينو.
• **جَنوڪَ جَنوڪَ (ڪ):** ث. ٽنبوري وڄائڻ جو ڇلو – مضراب.
• **جُنُونُ:** ذ. [ع] چريائي – پاگلپڻو – ديوانگي – خَبْطُ – وِنڊَ. غصو. ڪنهن شيءَ جو هردم خيال – سودا.
– **جُنُونُ چَڙهڻ:** چريائي وڻڻ – سوداءَ چڙهڻ – خَبْطُ پيدا ٿيڻ.
– **جَنُونِي ج جُنُونِي:** ذ. صفت. پاگل – چريو – سودائي. خَبْطِي. جيڙاڪ – پنهنجي خيال وارو.

– جَنونِي آجِن: چريائي اچڻ. مستي ڪرڻ. ڏاڍو ڪاوڙجڻ – اوچتو جوش جاڳڻ.

• جَنْوهارَ ج جَنْوهارَ: ذ. جَواهَرُ ـ جنهوار.

• جَنْوهر ج جَنْوَهرَ: ذ. [ف. جوهر] جوهَرُ. جنهور – رُوح – عَرق – سَتُ. تزار جي قَرُ جو پاڻي.

– جَنْوهردار: صفت. جنهوردار. جوهردار – پاڻي، جڙهيل (هٿيار يا اوزار).

• جَنوئِي: ث. گهوڙي جي پنجن مڪيه سَنجَن مان هڪ سنج. پاڻي بند.

• جَنْهَرُ: ڏاڍو ضعيف – هيٺر – بيڪار.

• جَنْهِنْ جِنْهِنْ: ستاءِ وارو تمعد ضمير ءِ اضافي ضمير موصول.

• جَنْهَنْ: اسم خاص. مِلي ءِ ڏُڪهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو. سومرن جي قديم بستين جو نالو.

• جَنْهوار: ذ. جواهر. "هيرا لعل لکين ٽيا، جڙيو وڏا جنهوار" (الله بخش سومرو).

• جَنْهَوَرُ ج جَنْهَوَرَ: ذ. جوهَرُ – جنوهر.

• جَنْهُوري: ذ. صفت. جوهَري.

• جَنْ: ث. جُونِ.

– جَنْڻيَرُ: ذ. صفت. جُونْڻِرُ – ماڻهو جنهن کي ڪپڙن ۽ وارن ۾ جُونْڻُون هجن.

• جَنْڻائِي (ت): ذ. نائي – جائو – نياڻو – ڏي، جو مؤنس.

• جِنْڻ: ظرف. جيئن.

– جِنْڻ تِنْڻ: ظرف. جيئن تيئن – هر صورت ۾ ڪيئن به ڪري.

• جَنْ: ذ. [سن. جن = جڻڻ. ع. جِنِين] ڪچو بار – پيٽ وارو بار.

– جَنِ پَچو: ذ. بار پچا – آل عيال – سارو ڪٽنب – سارو ڪُنبو يا قبيلو.

– جَنِ پَچو رُلڻ: بار پچا رُلڻ – دربدر ٿيڻ – سپ رُلي وڃڻ.

– جَنِ پَچي: ظرف. بارن پچين – آل عيال سوڌو.

– جَنِ پَچي گهاڻي ۾ پوڻ: بارن پچن سوڌو مصيبت ۾ پوڻ – ساري ڪٽنب يا قبيلي جو تڪليف ۾ اچي وڃڻ.

– جَنِي: ث. ڏوري – واڳ. "آهي هوتن هٿ ۾ سندي جي، جَني" (شاهه).

• جَنْجِيو ج جَنْجِيا: ذ. [سن. يجْ۪ئِيَ + اُپوِيتَمْ =] اهو ڏاڳو جيڪو هندو ڏرم رارا ڪجيءِ ۾ پائين. زنار – جواهرن ۾ پيل وارُ يا لِيڪ.

• جو: [ضمير] جيڪو. [حرف] تہ – چو تہ.

• جَوَ جَوَ: ذ. [سن – يَوَهْ = پرا: جَوو] اناجَ جو هڪ قسم. (صفت) ٿورڙو ڏرو. ماپ جو هڪ اندازو – نندڙو داڻو.

– جَوَ ڪٽي وڃڻ: اصل لاءِ هليو وڃڻ – وري نہ موٽڻ.

– جَوَرندِڻ (ت): وڙهڻ – جهيڙو ڪرڻ – ڪِر ڪِر ڪرڻ – ڪروڌ ڪرڻ.

– جَوَ وهائڻ: هليو وڃڻ. ڪاوڙجي وڃڻ – رُسي وڃڻ – پَڄي وڃڻ – دشمني رکڻ – ويرَ پرائڻ.

• جَوُ ج جَوُ: ذ. جَوَ. ماپ جو هڪ انداز هڪ جَوَ جيترو ڏيکهه.

• جُوا ج جُوائُون: ث. پٽن. پٽسن يا ڏاري سان اُها راند جنهن ۾ هارَ ڪَٽَ تي پٽسا بازي لڳايا وڃن. جُوٽا.

– جُوابارَ ج جُوابارَ: ذ. صفت. جوا ڪنيندڙ – جُواري.

– جُوابازي: ث. جوا راند – فريب – نگي – دغا.

– جوا جي ٽِڪري: ث. جُوا رَهڻ جي جاءِ ـ جُوا جو آڈو.

– جوا خانو ج جواخانا: ذ. اها جاءِ جتي جوا ڪٿي وڃي.

– جُواري ج جواري: ذ. جوا رهندڙ – جُوابار.

– جُوا ڪيڏڻ: جوا ڪرڻ – جوا ڪَڏڻ. بازي لڳائڻ.

• جَوابَ ج جَوابَ: ذ. سوال جو حَل. وَراڻي – وَرندِيْ – اَثَرُ. امتحاني سوال جو جواب. اِنڪار – ناڪارَ – بدلو – عِوض – مِثال – ٽائي – هَمْسَر – برابر – موقوفي – نيڪالي (نوڪريءِ مان) – معزولي – مُقابِلُ – جوڙُ – مَتُ – طلاق.

– جوابُ الجواب: ذ. جوابَ جو جواب.

– جواب باصَواب: ذ. عمدو ۽ موزون جواب.

– جوابدار ج جَوابدارَ: ذ. صفت. جواب ڏيندڙ. مُلْزِمَ. ذ. ميدارُ. تَلَهي.

– جَوابداري ج جوابداريُون: ث. ذميداري – ذمّو.

– جَوابدهي: ث. جوابداري – ذمّو. باز پرس.

– جوابُ ڏيڻ: وَرندي ڏيڻ – وراڻي ڏيڻ. ردّ ڏيڻ – اِنڪار ڪرڻ – نابري وارڻ – ناڪار ڪرڻ. موقوف ڪرڻ – نوڪري مان لاهي ڇڏڻ – نااميدي ڏيڪارڻ.

– جوابُ طلب: صفت. پڇا لائق – رسيد طلب – شڪ وارو.

– جوابُ طلب ڪرڻ: غلطيءِ جو سبب پڇڻ. صفائي پيش ڪرڻ جي گهُر ڪرڻ.

– جوابُ ڪرڻ: سامهون ٿيڻ – مقابلو ڪرڻ.

– جواب ڏيڻ: طلاق ڏيڻ – مڙس جو زال کي رخصت ڪرڻ.

– جواب ملڻ: نوڪريءِ کان موقوف ٿيڻ – طلاق ملڻ.

– جواب ونڻ: طلاق ونڻ – طلاق جي گهُر ڪرڻ.

– جوابي ج جوابي: صفت. جواب جو – جواب ۾ ـ موتَ ۾ ـ موتَ رسيد وارو. نظير – مقابل.

• جَوادُ: صفت. [ع. جَوادُ. جَوَد = ڪشاده دل ٿيڻ] ڏاڍو سخي – داتا – فياضُ – ڏاتارُ – (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• جُوارِ ج جوارِيُون: ث. اناجَ جو هڪ قسم – جُوئر.

– **جُوارو آتو ٽيڻ:** نہ گڏجڻ (جوئر جي اٽي وانگر). پَڌري ۽ نہ اچڻ – هميشه الڳ رهڻ.

• **جُوارش، جُوارِش:** ث. هڪ مرڪب دوا جو نالو (هن جا ڪيترائي قسم آهن. جوارش جالينوس، جوارش ڪموني وغيره).

• **جُوارو (ڪ):** ذ. ڦُڙ ڦَڙ (ميڻهن جي).

• **جُوارُ ياصر:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُوازُ:** ذ. [ع. جَازَ – رَوا ٿيڻ] جائز هجڻ جي حالت. اجازت هجڻ. حلال هجڻ.

• **جُوالَ ج جُوالَ:** ذ. سٽڻ ۽ مان ٺهيل ٻوري. گوڻ ۽ گوٽين مان ٺهيل وڏو ٻورو – ٻوجهو. دغا – ڏوڪو.

• **جُوالا:** صفت. سن. جُوَالاً هرندڙ – پڙڪندڙ – باهه جو شُعلو.

– **جُوالامُکي:** ذ. هرندڙ جبل.

• **جُوالو ج جُوالا:** ذ. صفت. [سن. يَوَهْ] جَوَن گڏيل – جنهن ۾ جَوَ پيل هجن.

• **جُوانُ ج جُوانَ:** صفت. [فا. جُوان] باراٿي وَهيءَ کان مٿي چڙهيل – نوعمر – نوجوان. ڪپرو – لاسيار – لاسڙات. بالغ – سامائل. مضبوط – ٽڻن تازو – بهادر – دليرِ. سگهارو – پهلوان.

• **جُوانائي جُوانائتو:** صفت. جُوان ماڻهوءَ وارو. جواني ۽ جو.

– **جوانڪو:** صفت. جوان ماڻهو وارو – جواني ۽ جو.

– **جوانمرد:** صفت. جوان مَرُس. پهلوان – بهادر – شير دل – دليرُ – همّت پُريو – سخي – فراخدل. فَيّاض – حوصلي وارو – درياه دل.

– **جُوانمردي:** ث. جوانمرُسي. بهادري – همت – شيردلي – حوصلو – دليري. سخاوت – درياه دلي.

– **جوان مرگ:** صفت. ڦوه جواني ۾ مري ويندڙ – جواني ۽ جو موت – بي وقتو ۽ اوچتو موت (هڪ بد دُعا يا بِدّ).

– **جُواني ج جوانيُون:** ث. بلوغت – سامائجڻ جو وقت – نوجواني. وهي. جوبن. همت – مردانگي.

– **جواني ماڻڻ:** جواني ۽ خوشيون ڪرڻ. عيش ڪرڻ. وهي ماڻڻ – نفس جون خواهشون پوريون ڪرڻ.

– **جواني ۽ جُونُ ٻوڙ:** هڏ ويهي رڄڻ – جواني ۽ ٽي ڪر ڪرڻ جي طاقت نہ رهڻ. ڪوبہ ڪر نہ ڪرڻ – توڙي ٽيڻ – سَڈَ سُڪي وڃڻ. سست ۽ ڪاهل ٽيڻ.

– **جواني ويو:** ذ. صفت. پوڙهو. باراتي جو لفظ (شَل جواني وڃيس!).

• **جُوانائي:** مصدر. جوان ٻڌائڻ – جوان ٽيڻ. جوان ڏسجڻ ۽ اچڻ.

• **جُوانسو (لس):** ذ. ڪانديرو. (ٻوٽو).

• **جُوانُ ج جُوانُ:** ذ. جُوان. سانڍي وڏي ۽ سڪ سين. ڪيائين جود جوان" (جمع).

– **جُوانُ جَمانُ:** ذ. جوان جَمانَ – سڳهو متارو – ٽڻن ٽنڊيو – پورُ ٻهانُ – ڦوه جُوان.

– **جُوائي ج جُوائيُون:** ث. جواني – جواني ۽ واري عمر.

• **جُواهِرُ:** ذ. [ع. جوهر ج جواهر] هيرو – رَتَنَ – موتي – لعل.

• **جواهرات:** ث. جَواهر. گهڻا جوهر.

• **جواهر نِگارُ:** ذ. هيرن جي جڑاءَ ڪندڙ. سهڻو لکندڙ – خوش خط.

– **جواهِري (جوهري):** ذ. جواهر وڪڻندڙ – جواهرن جو ڪم ڪندڙ. جوهري.

• **جوبنُ ج جوبنَ:** ذ. [سن. يَوْبَنْ = جواني] جواني – شباب – سونهن – حسن. سينگار. بهارَ. رونقَ.

– **جوبنُ ڪيڻ:** جواني ڪيڻ. سونهن ڪيڻ. رونق ڪرڻ – شڪل ڦلارجڻ. ڪنهي ۽ جوان منداڻا ٻهارا ڪيڻ پر ڦرڻ جهلڻ (ت).

– **جوبنيڪ:** صفت. جوبن واري. جوان. سُهڻي.

• **جوت:** ث. [سن. جْيوتِسْ] روشني – نُور. چمڪ – تجلّو. جلوو. تيز – بتي. ڏِيئو – همّت – ڪلا – طاقت. نگاهه – حشمت – رُعب. دَبَ. دولت.

– **جوت جاڳائڻ:** روشني ڪرڻ. ڏيئو ٻارڻ – بتي ٻارڻ – نالو چمڪائڻ – يادگيري تازي ڪرڻ.

– **جوتي ج جوتي:** صفت. جوت وارو – روشن – مُنَوّر. ڪلا وارو.

– **جوتي سَروپ:** ذ. صفت. تجليدار – چمڪندڙ – چمڪتو.

• **جوتَ ج جوتَ:** ذ. اُهو جهڙي جو ٽنو جو گهوڙي گاڏيءَ ۾ گهوڙي جي هلي ۽ سان پڌل هجي ۽ ان جو ٻيو چيڙو گاڏيءَ جي ڪُنڊِي ۽ قائل رهي (گاڏيءَ ۾ به "جوت" ٽيندا آهن. ۽ گهوڙو انهن جي ٽي زور تي گاڏي ڇڪيندو آهي). هَرَ ڪاهڻ.

• **جوتش، جوتِش:** ث. [سن. جْيوتِشْ] آسماني جسمن جي هيئت. رفتار وغيره جو علم – نُجُوم – تارن يا ستارن جو علم.

– **جوتشي ج جوتشي:** ذ. نجوم جو علم ڄاڻندڙ – نجُومي – تارن ۽ گرهن جو حساب ڪتاب ڄاڻندڙ.

• **جُوتو ج جُوتا:** ذ. جُتي ۽ جو هڪ پهادر. جُتي. پوٽڻي ۾ ڏنل ڪا شي.

• **جُوتي ج جُوتيُون:** ث. ڇڪڙو. ميڙ.

• **جُوتَ ج جُوتَ:** ذ. ميڙ – ميڙاڪو – هجوم.

• **جوتَ ج جوتَن:** ث. رانَ – سَٽَ. هَنجَ – گوڏ. گوڏو.

– **جوتَ تي ڏَڪ هڻڻ:** سٽر تي ڏَڪ هڻڻ – ڏَڪ ظاهر ڪرڻ.

– **جوتَ تي ويهارڻ:** سٽر تي ويهارڻ. پيار ڪرڻ (بار ڪي).

– **جوتسُون كُتَنْ:** ماتر كرڻ – افسوس ۽ رانن تي هٿ هڻڻ.

• **جوتَڻُ، جوتڻ:** مصدر. بَدڻ (ڏڳن ڪي گاڏي، نار، هُرلي، هَرَ وغيره ۾). شروع ڪرڻ. جهيڙو، بَدڻ ڏاند کي پاجاريءَ ۾ ـ ڏڪائڻ. ڏسو "جوترڻ".

– **جوتَ ج جوتسُون:** ث. ڏاند کي نار ۾ ـ جوتڻ جو ڪم. شروعات (ڪنهن ڪم جي) – ڏاندن جو جوڙو – مقابل – ثاني – برابر – ساڻي – رفيق.

– **جوتائڻُ:** مصدر. "جوتڻ" مان متعدي بالواسطه ـ بَدائڻ – ڏڪائڻ.

– **جوتَ جوتَڻُ (ت):** جهيڙو شروع ڪرڻ – خراب ڳالهائڻ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ – فساد شروع ڪري ڏيڻ.

– **جوتَ ڏيڻُ (ت):** مقابلو ڪرڻ. دهائڻ.

– **جوتڻِي ج جوتڻِيُون:** ث. جوتڻ جو ڪم. جوتَ – شروعات – ابتدا – مُنڊ. زور آزمائي.

– **جوتڻِي ڏيڻ:** شروعات ڪرڻ. جُنبي وڃڻ (ڪم کي).

– **جوتسُون ڏيڻ:** زور آزمائڻ. مقابلو ڪرڻ. وڙهڻ. هيسائڻ.

• **جوتو ج جوتَا:** ڏ. مُڃ مان ٺهيل نوڙي (نار، پاجاري وغيره ۾ بَدڻ جي ڪم اچي). اُهو رسيءَ تڪر جو ڊينگي جي آمهين سامهين وَنگڙيَن کي بَدڃي. ڏڳن جي گڇيءَ کي پاجاريءَ سان سوگهو بَدڻ لاءِ جمڙي جو پٽو يا رَسو. جوڙو (ت). پٽو (ت). ڪوريءَ جي اوزارن ۾ ڪم ايندڙ رَسي تڪر (ت). رانَ – سَٽَر.

– **جوتو پِڃي ويهڻ:** گوڏو پڃي ويهڻ – ڪَپ ڪوڙي ويهڻ.

• **جوتياڪ:** صفت. هڪ جهڙو – هڪ جيترو – همسر – برابر – يڪسان.

• **جوُنْ:** ث. [سن. جُشْت] اوبَر – بچيل کاڌو.

– **جُونِ آڻ:** ث. اوبَر سوبَر – بَچت سَچت (کاڌي مان).

– **جُونو ج جُونا:** صفت. اوبار بَلُ – کائي بچايل – خراب ٽيل (ٿ). جُونِي ج جُونِيُون.

– **جُونو پائي پِيڻ:** ٻئي جون عادتون اختيار ڪرڻ.

• **جُوٺ:** ڏ. ڪُوڙ – ڪوٽ – دروغ – غلط – حقيقت جي برعڪس – دوکو – بهانو – فريب. دغا.

– **جوٺو ج جوٺا:** ڏ. صفت. ڪوڙو – ڪوٽو – دروغ گو – غلط – دغاباز.

• **جُوٺِي (ت):** خوشبودار گاهه جو هڪ قسم. جنهن سان ٽِڪر جا ٿان، مليندا آهن. جيئن ٿانوَن ۾ خوشبوءِ ٿئي.

• **جوبُ ج جوبَ:** صفت. تندرست – چگو پلو – سگهو. متارو. خوش – جوان. مضبوط – سگهارو. پهلوان. جوڌو. "پانهنجي پري پيڙيون. هليا جوب جُوان".

– **جوبُوڻ، جوبِڻُون (ت):** صفت. مضبوط – ڏاڍو. پوڙو پُٽو – پورو ٺهڪي آيل.

• **جوبن ج جوبنا:** ڏ. زنانو – جوئيتو – زَن مُريد – مَڃو – پيٽو.

• **جُوجَ، جُوزَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (بگٽي پاڙو).

• **جُوجَڪَ ج جُوجَڪَ (ڪ):** ڏ. نندڙو جيت. بلا. لَنڊي بلا.

• **جُوجِڪِي ج جُوجِڪِيُون:** ث. اوجتو خيال – اُڏمو – پُورَ – جَذبو – غُصّو – ريجَڪَ – لَهَرَ. جِڙَ – ڪاوڙ – جوش.

– **جُوجِڪِي اڇڻ:** پُورَ پوڻ – اُڏمو جاڳڻ – ريجڪ اڇڻ. جِڙَ اڇڻ – اوجتو جوش اچي وڃڻ.

• **جوجِنِي (ت):** ث. جوجِڪِي. چَرپائي. مَستي. ڪاوڙ.

– **جوجِنِي اڇڻ:** جنون اڇڻ. چرپائي اڇڻ. مَستي اڇڻ.

• **جُوجُو:** ڏ. پارن ڪي ڊپ ڏيارڻ لاءِ فرضي بلا يا جانور جو نالو.

• **جوجهَر (ل):** صفت. وڏي يا لڙڪيل پيٽ وارو (جويايو) چَڄَر.

• **جُودَ (ت):** ڏ. [ف. زود] تڪڙ – جلدائي – سيگهه – اُڀهَرائي – ڪوشش – اُدم (ت) (صفت) تڪڙو – جلدي – تکو – تيز.

– **جُودان، جُودَڻُون:** ظرف. تڪڙ مان – جلدائي سان – سيگهه مان. "تن وَٽ سَنجهه صَباح. جُودڻون وَڻ، جلال جئي".

– **جودان جودڻون هلڻ:** تڪڙ سان هلڻ. تڪڙو ۾ تکو هلڻ. وڏي سعيي ۽ همت سان هلڻ "جودان ملندیس جيڏيون. جُنبيو لاءِ جتن" (محمد غوث).

– **جُود ڪرڻ:** جلدي ڪرڻ – تڪڙو ڪرڻ – سيگهه ڪرڻ – تڪڙ لائي ڏيڻ.

• **جُودَ:** ڏ. [ع] سخا – ذات – انعام – ڪرم – لطف – بخشش – عطا.

• **جُودُ ج جُودَ (ڪ):** ڏ. ٻيڙيءَ جي منجهي ۽ ڪڙي جي وچ وارو واجهه جو ٽڪر.

• **جودَّ:** ڏ. جودا – پهلوان "هو ديواني درياهه جا، ڪڏيئي جوڌ جڏهن" (مل محمود پلي).

• **جودَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جودَڻپور:** اسر خاص. سنڌ جي ايرندي طرف جي علائقي (اڳين رياست) جو نالو.

• **جودڻپوري:** ڏ. ڪڪڙ جو هڪ قسم (پاڙيون وڏيون ٽينس ۽ سدائين پئي آنا لاهي).

• **جودو ج جودا:** ڏ. صفت. [سن. يودَّ ڪ] پهلوان – بهادر – سورمو.

• **جُودُ وَلُ (ت):** ڏ. صفت. بلڪل پوڙهو – ڏاهرو – جهورُ.

• **جور جُوْرُ:** ڏ. [ف] ظلم – ستم اَنْڌير – جفا – ڏاڍ – زبردستي – زيادتي.

– **جورائو:** صفت. زور وارو – طاقت وارو – زوراور. موت' – عزرائيل. "جورُ سي سين، جيڏيُون نڪو قالُ نہ قيل" (شاھ).

• **جُور:** ذ. رڻ جو ھڪ قسم جنھ تي اُپري، ھن جي ڪائي مان حقي جا نڙ ٺھن. (نازي وانگر ول، ڦڪا ڳاڙھا نيرا گل ۽ڪريون ڪائين باقي اُٺ ڏڳر ڪائي نہ ٿري).

– **جَوڙا (ث):** ذ. پرت جو ھڪ قسم (نديڙن ٽڪڙن وارو).

• **جوراب** ج **جورابَ:** ذ. ڪپڙي يا چمڙي مان ٺھيل موزو (جو پيرن ۾ پائجي). ڏسو "جُراب"

• **جورَڻ (ت):** مصدر. جيورَڻُ – ھضر ٿيڻ – پاڻ پورڻ.

– **جوري ڪائن:** نيڪ ٿي رھڻ.

• **جورو** ج **جورا:** ذ. [سن. يوگ] وڳو – پوشاڪ (عورت جي. جوري ۽ چولو، سلوار ۽ پوتي اڇي وڻن ٿا) – خلعت.

– **جورو ڏيڪائڻ:** وڳو ڏيڪائڻ – پوشاڪ پھرائڻ – خلعت پھرائڻ.

• **جوريجي:** اسم خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **جوڙ:** ث. جُڙ ـ تعدّي – سيڪت – سزا.

– **جوڙڪائڻ:** سيڪت ڏيڻ – تعدّي ڪرڻ.

• **جَوڙ (ل):** بَڪ – لٻاڙ.

• **جوڙ** ج **جوڙُون:** ث. "جوڙڻ" مصدر. مان اسم. ناھپ – بناوت – خلقت (جھان جي) گھاڙ – آڏاوت – سِڪَ – سِٽاءَ – رِٽ – تجويز. مخلوق "ڏٺي جي جوڙ". قدرت – ڪاريگري. (صفت) مھاندو – بيھڪ – شبيھ. "ٻاروچا ٻيا گھڻا، تو جيءَ جوڙ ناھي ڪو جَت" (چگھ جت). شين جو ميل. ملائڻ جو ڪم. رياضيءَ موجب انگن کي ملائڻ جي حالت. جماعت – مجلس – قطار.

– **جوڙ اُپت:** ث. ڪن بن يا وڌيڪ انگن جي جوڙ ڪرڻ مان مليل انگ – جوڙ جو نتيجو (بن، تن ۽ چئن جي جوڙ اُپت آھي ٿئي. ۲ + ۳ + ۴ = ۹).

– **جوڙجَڪ:** ث. بندوبست – انتظام. بناوت – ناھ ٺوھ.

– **جوڙون جوڙڻ:** رٽون رٽڻ – انڪلون رٽڻ – قدرت سان عجيب شيون پيدا ڪرڻ – عجيب ڪم ڪرڻ.

• **جوڙ:** صفت. [سن. جودِ] پورو – ٺھڪندڙ – ڪنپ. ملي ايندڙ. جھڙو – جيسيُ – جيس' – جيڏو – برابر – مَٽ. ثاني. جمع – گڏ – پيڙو. شريڪ – ساڻي. تندرست – چگر پلو – جوڀ. "عاشق جان تو جوڙ، تان تو سڏ نہ سورجي" (خان زئي).

– **جوڙائي:** ث. صحت – تندرستي – جاڳائي – چگپلائي.

– **جوڙ جيسُ:** صفت. مَٽ – برابر – ثاني – جھڙو.

• **جوڙ** ج **جوڙ:** ذ. سَنڌ – ڳنڍ – ٽاڪو. ميل – ميلاپ. ملڻ. ناھ – صُلح.

جملو – جوڙ اُپت – تونڊ ڪنھن بہ شيءِ جو بن (نرماد) جو عدد.

– **جوڙ ڪرڻ:** ملائڻ – ڳنڍڻ. تونڊ ڪرڻ – ميزان ڪرڻ – جمع ڪرڻ – ڪنو ڪرڻ.

– **جوڙ جنسار:** ذ. ھارسينگار – ناھ ٺوھ – زيب زينت.

• **جوڙا:** ذ. [جوڙو ج جوڙا] ھميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڪنھن بہ ڳھ جي ڪناري کان لڳل سنھڙا ڏرڙا يا منجليون – ھٿ سان ٺھيل نديڙيون نديڙيون شيُون.

• **جوڙِتي جوڙُو:** صفت. جُڙتو – جھلي – ڪوڙو – نقلي – ھٿ جو ٺھيل.

• **جوڙڻ، جوڙِڻ:** مصدر. ناھڻ – بنائڻ – تيار ڪرڻ. گڏ ڪرڻ – ملائڻ – گڏڻ (حصا يا عضوا) – ميلاپ ڪرائڻ – گڏيڻ. اڏائڻ (جاءِ). مرمت ڪرڻ. گڏِ ٽوپ ڪرڻ. جوڙ ڪرڻ – تونڊ ڪرڻ. ڏسو "جُڙڻ".

– **جوڙ** ج **جوڙُون:** ث. مصدر. "جوڙڻ" مان اسم. بناوت – ناھپ. سِٽا. ترتيب.

– **جوڙائي، جوڙائِي:** ث. ٺھراڻي – گھڙائي (ڳھ جي).

– **جوڙائتو:** صفت. ٺھندڙ – موزون – جڳائتو – ٺھڪندڙ – نيڪ – پورو – مناسب.

– **جوڙائڻ:** مصدر. "جوڙڻ" مان متعدي بالواسطه. ٺھرائڻ – بنائڻ. تيار ڪرائڻ.

– **جوڙ ٽوڙ:** ث. پَچ گھڙ. بندوبست. ناھ ٺوھ.

– **جوڙ ٽِي:** ث. جوڙڻ جو ڪم – ناھِڻي – ناھپ – بناوت.

• **جَوڙڻ (ل):** مصدر. بَڪڻ. ڏندين پوڻ – وڙھڻ.

• **جوڙو** ج **جوڙا:** ذ. [پرا. جُتَ. سن. يُكْتَ. يُجْ ـ ملڻ] جَفت. ھڪجھڙيون ۽ ھڪ جيڏيون گڏ بہ شيون (جھڙوڪ ڏڳن جو جوڙو، جيتن جو جوڙو. سڱينُ جو جوڙو وغيره) بہ شيون.

– **جوڙُون:** (جوڙ + ڻون) جوڙي مان – بن مان – نر ماد مان. "ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙُون جوڙَ جھانَ جي" (شاھ).

– **جوڙي:** نر ماد بہ جڏا. زال مڙس. اُٺ جي ٻلاڻ جا اڳيان ڪاٺ جا ٽڪرا. (ث) جوڙِي ج جوڙيون. جوڙو جوڙو – بَہ بَہ جڏا.

– **جوڙيو ڄڙيو هجي:** زال ۽ مڙس سلامت هجن (ھڪ دُعا).

– **جوڙو ڪرڻ:** ڪنھن بہ اڪيلي شيءِ سان پي بہ گڏڻ ملھ وڙھڻ. ٻئي ملھون ڪرڻ. پي ملھ وڙھڻ. پي بہ ڪافي ٻڌائڻ.

– **جوڙا ميڙا ڪرڻ:** ادوري ڪم کي پورو ڪرڻ – رھيل ٻلوءَ وڻڻ.

• **جُوڙو** ج **جُوڙا:** ذ. وانگرڙو – جھُوڙو.

• **جوڙيو:** اسم خاص. تعلقي مڻيءِ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **جوڑي ج جوڑيُون:** ث. اُڏائي تي اُڀيل ڪپڙي جو تاکيو. ڏيسي ڪپڙي جو تاکيو (جو عموماً چوويهه هٿ ڊگهو ٿئي ۽ ٻر ۾ هڪ هٿ ٿئي). "جوڑو" جو مؤنث. جُٽ.

– **جوڑي پوتي:** ث. سادن ڪپڙن جو ڳڏو – همراه ـ سائي پائيوار.

– **جوڑي نصيب ٿيڻ:** ڪنهن نصيب ٿيڻ.

• **جوڑي ج جوڑيُون:** ث. بندبل (پنجويهه ٻيڙين جو) جُهوڙي.

• **جَوڙ:** ذ. [ع] اخروٽ. اکروٽ – جائفل.

– **جوڙهندي:** ذ. ناريل.

• **جَوزا:** اسم خاص [ع] آسمان جي هڪ برج جو نالو. جيڪو بن جاڙن چوڪرن جي شڪل جهڙو آهي.

• **جُوسِرو ج جُوسِرا (ل):** ذ. نندي جُوءِ ـ سِيُر. جُوءِ.

• **جوسي ج جوسي:** ذ. جوتشي. (صف) جيڏو – هر عمر.

• **جوش:** ذ. [ف. جوش < جوشيدن = تهڪڻ] پاڻيءَ جو ٽهڪو – اُڀَلَ – اوبارو – اوبر. گرمي. شدّت. تيزي – تيڪ – لَهَر – موج – کاوڙ – چڑ. قهر – غضب. جذبو. شوق. مستي.

– **جوشارو:** ذ. صفت. جوشائت – جذباتي.

– **جوشائتو:** ذ. صفت. جوش وارو – کاوڙيل – جذباتي.

– **جوش ۾ اچڻ:** اوبارو کائڻ – غُصي ۾ اچڻ – اُڀَلَ يا ٻوڏ ڪرڻ (پاڻي) پڙڪي وڃڻ – جذبي ۾ اچي وڃڻ.

– **جوش، خروش:** ذ. هُل هنگامو. گوڙ گهمسان – تمام گهڻو غُصّو – ڏاڍي کاوڙ.

• **جوشانده:** ذ. [ف] کاڙهو (پيئڻ جو).

• **جوشي (ٿ):** [سن. جَيوتشِنْ + ڪ] اسم خاص. برهمڻن جي هڪ ذات جو نالو. جانورن جو هڪ قسم.

• **جوشي واري:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُوع:** ث. [ع] بُک – لَنگهَڻ ـ اِشتها.

• **جُوف:** ذ. [ع. جيفَة = ڏُونڊ. لاش] ڏُونڊ – مُردار جانور – مفت جو مال – لالچ – لوڀ – طمع. هَپچ – ناجائز فائدو.

– **جُوفڙِياڻ جوفيارو:** ذ. صفت. لالچي – لوڀي – هپچي – طمعي. ناجائز فائدي جو خواهشمند.

• **جُوفو ج جُوفا:** ذ. [ع. جيفَة = مُردار] لوڀ – لالچ – طمع. حريص. دنيا. ڏڻ. گَنڙجو مٽو – تيئر جو مُنهن. ڏسو "جُوف".

– **جوفيائي:** ذ. صفت. لالچي – لوڀي – طمعي – حريص – هَپچي.

– **جوفي جو جَهانَ:** ذ. لالچ جو جهان – طمع يا حرص جي دنيا.

– **جوفي جو جَهانَ چَڏڻ:** لالچ نه ڪرڻ – حرص چڏي ڏيڻ.

• **جُوڙو ج جُوڙا:** ذ. "جوڙو" جي بگڙيل صورت.

• **جَوڙ (جُوڙ):** ث. [ع. جَوّ] = انبوهه ڪرڻ] جماعت. مجمع – انبوهه – هجوم – گروهه – ٽولو – پيڙ – ميڙ – پڪين جو ولَر.

– **جَوڙ ڏرجُوڙ:** ظرف. ٽولي ٽولي پٽيان ٽولي – ٽولين ٽولين پٽيان ٽولين.

• **جوڪَر ج جوڪَرَ:** ذ. صفت. [انگ. Joker] چرچائي – مسخرو – پٽن جي تاس ۾ هڪ پتو (جو پاڻجاهه پٽن کان الڳ ٿئي).

• **جُوڪ:** ث. تور – وزن. بَخشش – ذاتَ – پرک – جاچ – انداز – ڪَسوٽي، تي لڳائي ڏسڻ. ڏسو "جوکڻ".

• **جُوڪَ ج جوڪَ:** ذ. ٽن ڪائنين جي ٽيڪ تي ٻڌل ڪائنو ۽ ٻيو سامان. خيال (ٿ).

• **جُوڪار:** ث. پارکي وڪر جو هڪ قسم.

• **جوڪائڻُ (ل):** مصدر. بخش ڪرڻ – بَخشڻ. ويرونڊ.

• **جوڪَر:** ذ. [سن. يوگ + ڪُيشر] خطرو – ڏَپ – پوڙ. انديشو. نقصان – مشڪل ڪم – چيهو – خَسارو – گهاٽو – مصيبت – بلا – آفت.

• **جوڪر جو مال:** ذ. قيمتي مال – مهانگيون شيون.

– **جوڪڻ (جوڪَڻ):** مصدر. [سن. جوشَ (ٿ). جُشْ = پرکڻ] تورڻ – وزن ڪرڻ.

• **جوڪو ج جوڪا:** ذ. انديشو – ڏپ ـ پوڙ. نقصان – خوف – خطرو – جوکم.

– **جوڪائتو ج جوڪائتا:** ذ. صفت. جوکي وارو – نقصان وارو – انديشي وارو – خطري وارو. (ٿ) جوکائتي ج جوکائتيون.

– **جوڪو رسڻ:** نقصان رسڻ. گهاٽو پوڻ.

• **جُوڪو ج جُوڪا:** ز. صفت. سڪتو – سُجو – پينگيو – ڪنڊل – ڪنگال – مُفلس – هٿين خالي – نادار.

– **جُوڪائي ج جُوڪائيُون:** ث. سُجائي – پينگيائي – ڪنڊلائي – مفلسي – ناداري.

• **جوڪيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جوگو (ٿ):** اسم خاص. ميڻگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جوگيرُ:** ذ. گهٽي ڪائڻ سبب بد هاضمو ۽ پيٽ تي بارَ – آڤري. جوگِيرُ.

• **جوگيرَجڻ:** فعل مجهول. گهٽي ڪائڻ سبب پيٽ تي بار ٿيڻ – آڤرجڻ – جوگِرجڻ – بدهضمي ٿيڻ.

• **جوڳ ج جوڳيُون:** ث. [سن. يوگ + ملڻ] ناريا هرلي ۽ وهندڙ جانور (ڍڳو، اٽ). ناريا هرلي ۽ وهندڙ جانور جي وهن جو مدو (ڏيڍ

پهر، به پهر، اڌائي پهر). نار يا هرلي ۾ جوڙو ڏاندن جو (ت) — "هيڪل" جو ضد. وارو سزا — سيڪت.

— **جوڳ ٻڌڻ:** نار يا هَرلي ۾ ڏيڻ جو جوڙو ٻڌڻ.

— **جوڳ ڏيڻ:** همراهي ڪرڻ — مدد ڪرڻ. جهڙي تهڙي مهل ڪرڻ — وقت ٽپائڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. سزا ڏيڻ.

— **جوڳ ڦٽڻ:** نار ۾ ڏاندن جو هڪ جوڙو مٽائي پيو ٻڌڻ.

— **جوڳ وهڻ:** پنهنجو وارو يا حصو پورو ڪرڻ — مهل سر مدد ڪرڻ — مهل پوري ڪرڻ.

• **جوڳ:** ن. هڪ راڳڻي جو نالو.

• **جوڳ ج جوڳ:** ذ. [پرا. جوگو. سن. يوگ. يُجْ = ملڻ] ميلاپ — وصل (اُپائيندڙ سان)، مراقبو — ڌيان — سَماڌي. ڌيان جمائي روح سان ملي وڃڻ. ذڪر فڪر ذريعي معرفت حاصل ڪرڻ جي حالت. تارُن جو ميلاپ (جنهن جي حساب سان نجومي اڳڪٿيون "ڪندا آهن). جوڳي فقيرن جو رُهڻ، ٽپسيا وغيره. گرهڻ جي موقعي تي گرهڻ جي گردان جون ڪي جايون. نصيب جي گهڙي — شدوري گهڙي — نيڪ ساعت. جسماني عمل (روحاني عمل جي برعڪس) مَنَ جي خواهش کي روڪ. ننگ جو ڦوڳ — جوڳو. جڙي ٻوٽيءَ جو علم ۽ عمل. سزا — سيڪت. ڪشٽ — ڪشالو — سختي — تڪليف. (صفت) نهڪندڙ — موزون — پورو — نيڪ (ظرف) ڏانهن — لاءِ. واسطي. واپاري خطن يا هُنڊين ۾ سِري واري نشاني (جا ظاهر ڪري تہ اُها هُنڊي يا خط فلاڻي ماڻهوءَ ڏانهن موڪلڻو آهي). مناسب — واجبي. لائق — قابل. سهائيندو — جُڳائيندو.

— **جوڳ ڇپائڻ:** ڏاڪڙا ڪڍڻ — تڪليفون سهڻ — ڪشالا ڪڍڻ. جِملو ڇپائڻ. ٽپسيا ڪرڻ.

— **جوڳ وڃهڻ:** جوڳي ٿين — فقيري اختيار ڪرڻ. ڪنهن به ڪم ني سندرو ٻڌي هلڻ. "ڪڏهن ڪاڇوتي. وڏم جوڳ جتن لاءِ" (شاهه).

— **جوڳاڻ (ل):** ذ. گهوڙي جي خوراڪ — ڪاڏو — ڦوٽ "وڪيل گهوڙن کهڙا جوڳاڻ".

• **جوڳتا:** ث. لائقي — موزونيت — ناهوڪائي.

• **جوڳرا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جوڳرجڻ:** فعل مجهول. جوگيرجڻ پيٽ جو — آفرجڻ — بدهضمي ٿيڻ.

• **جوڳڙيو جوڳڙيا:** ذ. اڪيلو ڏڳو (نار ۾ وهندڙ) هيڪل وهندڙ ڏڳو.

— **جوڳڙيا مٽائڻ:** جوڳ "پوري ڪيل" ڏڳو. نار يا هرلي مان چوڙي پيو ڏڳو ٻڌڻ.

• **جوڳر ج جوڳا:** ذ. [سن. يوگيہ] ڦوگ (ننگ جو). (صفت) مناسب — لائق — جڳائيندڙ — موزون — نهندڙ — واجب — نيڪ — پورو — واجبي. (ت) جوڳي ج جوڳيَون.

— **جوڳي جُٽ ڪرڻ:** چڱي طرح سيڪت ڏيڻ — مناسب سزا ڏيڻ. لائق ۽ موزون سيڪت ڏيڻ.

• **جوڳي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڳي ج جوڳِي:** ذ. [سن. يوگِي. يُجْ = ملڻ. جيڪو پنهنجو ڌيان ڌڻيءَ سان ملائي] جوڳ پَچائيندڙ. هندو فقيرن جو گروهه (جن جو اصول زهد ۽ تپسيا ذريعي خدا سان ملڻ جو هوندو آهي). سنياسي. نانگ. جهليندڙ فقير. سيلاني فقير. (ث) جوڳڻ. جوڳياڻي ج جوڳڻون. جوڳياڻيون.

— **جوڳيسر جوڳيشر:** ذ. [پرا. جوئيسَر. سن. يوگيشْوَر] جنهن جوڳ سادڀو هجي. ڪامل درويش — پهتل فقير — تپسي — تپشي — وڏو جوڳي.

• **جوڳيڙ:** ذ. جوگير.

• **جوڳيڙو (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم. ٻوٽي جو هڪ قسم (جانڊن جي پاڙ ۾ اُپري. ڦڪن گلن جي يڪي ڏاندي ٿئيس. هرڻ ۽ ٻکري کائيس).

• **جوڳيڙو:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم (ڦڪن گلن سان ڳٽيل ڏاندين. پن ڪين ٿين. ڪپڙن جي پاڻ ۾ ٽيندڙ. ٽمام سهڻو. جڙ ڪنوار ٻوٽي) پٽي ڪنوار.

• **جُولاڻ ج جُولاڻ:** ذ. [ع. جَوَلان. جَوَل = چوڌاري ڦرڻ] چڪر — چال — چلاڻگ — ڪُڌ — گهمرو — چڪرو — ڦيرو — چر چر — دور — جوش — چوهه — جذبو — ڪاوڙ — تپ — ڦيراڻي.

— **جولان اچڻ:** ڪاوڙ اچڻ — جوش اچي وڃڻ.

— **جولان چڙهڻ:** ڪاوڙ چڙهڻ — جوش چڙهي وڃڻ.

— **جولان گاهه:** ذ. گهوڙن جي دوڙائڻ جي جاءِ. لڙائي جو ميدان. گهوڙن کي ڦيراڻيون ڏيارڻ جي جاءِ.

— **جولاڻي:** ث. گهوڙي جي دَوڙ — طبيعت جي رواني يا تيزفهمي — تڙتي — چالاڪي — چستي.

• **جولاهه:** ذ. جولاڻ — تڙتي — چستي — رواني — جوش.

• **جولاهو (جلاهو) ج جولاها:** ذ. ڪوري — ڪپڙي اڻڻ جو پيشو ڪندڙ

• **جُولاءِ:** ذ. [انگ. July] عيسوي سال جي ستين مهيني جو نالو.

• **جُوم:** ذ. زُور — تيزي — زور — طاقت — ڪاوڙ.

— **جُومڪ (ت)، جُوميل (ث):** صفت. ڪاوڙيل.

• **جُون، جُونَ٘ه ج جُونُ، جُونُنُون، جُيَون، جُونئِيَونُ:** ث. جيت جو هڪ

تسر (جو وارن يا ڪڙي ۾ پيدا ٿئي، هي جيءَ رت چوسي جنهن مان خارش جي بيماري ٿئي. رڌ (ت) ٽولهر.

• **جون، جونءَ ٽيڻ، لڳڻ، ونڻ (ت)**: ڪجيءَ کي هڪ بيماري ٽيڻ.

– **جون پير هلڻ**: تمام آهستي هلڻ – ڏيري ڏيري هلڻ.

– **جونسرَ**: صفت. جون وانگي آهستي هلندڙ وقت، ماڻهو وغيره.

– **جونءَ مان جوءَ ٽيڻ (ت)**: خسيس شيءِ جو اهميت حاصل ڪرڻ. آکاڻ ڏيکارڻ – جيئَ منجهان وڏي وڃي انسان ٽيڻ.

– **جون نندِ ۾ هڻڻ**: پوري سانت ۾ هڻڻ – آرام سان يا سُکي هڻڻ – کوبه خوف خطرو نه هڻڻ.

– **جونڻيرُ ج جونڻيرَ**: ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن کي جيون ٻرڪندڙ هجن.

• **جُون**: ذ. [انگ. June] عيسوي سال جي چهين مهيني جو نالو. اسر خاص تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُونڻي (ت)**: ذ. ڪاهه جو هڪ قسم.

• **جونڻيرَ (ت)**: ذ. اهو ماڻهو جنهن جي بدن تي گهڻا ۽ گهاڻا وارَ هجن.

• **جونڻيهَ (ل)**: ث. نظر، ڏس.

• **جُونجها (ت)**: ذ. سنهيون ڪائيون – چينيا – جهينيا.

• **جُونجهارو ج جُونجهاڙ**: ذ. [سن. يدّ = لڙائي +ڪار]. جوڌو، پهلوان – جهونجهار.

• **جُونڙا**: ذ. جيرا – جگر. "جونڙا انهيءَ جوءِ جا، ڪوري جئن ڪاڪا."

• **جُونگ**: اسر خاص. اوباوڙي ۽ دادو تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جونگَل**: اسر خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو. هن نالي جو ان تعلقي ۾ ڪوٽ به آهي جتي پهوڙن جي آبادي آهي.

• **جُونگو**: اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُونڪ ج جُونڪَ**: ذ. "ڏوڻ" جي بگڙيل صورت.

• **جُونَ (ت)**: ذ. ڪُروندڙو ٽي ويهن.

• **جُونِ** اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ٽنڊل ڪوٽ جو نالو.

• **جُوڻ ج جُوڻون**: ث. ڍڳي يا ياڏي جي مُنڊيءَ جي شوروي جي (اَٺ ڪي) اوٽيءَ (ل). ڪُنڊل ڀڪريءَ جي سار (ڪ).

• **جُوڻ**: ث. [سن. يونِهْ = پيرا: جُوڻِ سن. يونِ] جُمر – جنم – پيدائش. هندن جي عقيدي موجب ڪنهن ساهواري جي وفات بعد ان جي روح جو ٻئي جسم ۾ اچي جنم ونڻ – تناسُخ – آواگون. جوڻي – قالب – چولو.

– **جوڻِ ونڻ**: هندن جي عقيدي موجب ٻيو جنم ونڻ – قالب بدلائڻ – وري ٻئي جسم ۾ جنم ونڻ.

• **جُوڻا**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽ ڏيجي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڻاس**: اسر خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڻالو**: اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڻا نواز**: اسر خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڻائي**: اسر خاص. تنڊي محمد خان ۽ واره تعلقن ۾ ديهن جو نالو. وارهه تعلقي ۾ هڪ وات ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **جوڻاهُ**: اسر خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُوڻِتَ**: ذ. صفت. جوري ٽيل مال جو ڏسُ پتو ٻڌائيندڙ – باکُو (ت) ٻَنگ ونڊندڙ. چغلخور.

• **جُوڻِي ج جُوڻِيُون**: ث. جوري ٽيل مال يا چور بابت خبر. جوري ٽيل مال يا چور بابت خبر ٻڌائڻ جي عيوض ورتل معاوضو – ٻَنگ.

– **جُوڻِيتَ (جُوڻِيڙَ)**: ذ. صفت. اهو ماڻهو جو چوري ٽيل مال يا چور متعلق خبر ٻڌائي ۽ انهي مخبري عوض ڪجهه رقم ونڊي – باکُو (ت). چغلخور – مُخبر – جاسوس.

– **جُوڻِي ڪڍڻ**: چوريءَ جو راز کولڻ. چور ظاهر ڪرڻ. چغلي هڻڻ – چوريءَ بابت خبر ڏيڻ – پتو لڳائڻ.

• **جوڻيجا**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. شڪارپور، قنبر، ديري محبت، ٽنڊي، شهدادڪوٽ، عمر ڪوٽ، ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جوڻيجاڻِ**: اسر خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوڻيجاڻي**: اسر خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جُوهي** ذ. نظر – ڏَڪ – گهُورَ – ديدَ – لالچي نگاهه – لالچ سان اک وجهڻ، ويهي ڏسڻ جي حالت (ڪاڏي وغيره ۾). طمع جي نظر – جُڪ – چَپ – ڏَٺ.

– **جُوهَ آڙائِڻ**: جُوهَ وجهڻ – گهُورڻ – گهور وجهي ويهڻ – گهٽو وقت ڏکيندو رهڻ.

– **جُوهَڙَ ج جُوهَڙَ (ڪ)**: ذ. صفت. جُوهَ وجهندڙ – ناظر. گهاٽو – تاڪو – لڪي شڪار ڪندڙ.

– **جُوهَ وِجهڻَ**: نظر وجهي ويهڻ – گهوري ڏسڻ – ڏَڪڻ – ديدَ وجهڻ – لالچ سان اک وجهي ويهڻ (ڪاڏي وغيره ۾) – هڪ هنڌ ڏانهن گهٽو ۽ لاڳيتو نهارڻ.

• **جوهارِيُ (ت)**: ث. اها رقم جو گهوٽيتا پنهنجي ناموس خاطر ڪنوارين کي ڏيڻ کان وڌيڪ ڏيندا آهن.

• **جَوهَڙ**: [سن. جيوَ - روح + هَرَ - هُر = ڪڍڻ]. آب گهات. جيئري پاڻ جلائڻ.

• **جوهر**: ث. پانجاري. جُڳ (بلوچڪي). "ڪَڳ. نگار. شتنگيون. پيا

ٿُهَنڊَ تلاڪار" (الياس جدغال).

• **جوهَرُ جَوهَرُ:** ذ. [ف. جَوهَرُ] اصل شيءِ ۽ اصل ذات – سرِ شُڌ – ماده. مايو. روح – سَتُ – مغز – عرق – نچوڙ – سارُ – تَتُ. طاقت – سگهه – قوّت. ماهيّت – خاصيّت. اها خاصيت جا بي شيءِ تي مدار ٿو رکي. گُڻ – خوبي. اصليت. ڪمال – لياقت. پيدُ – راز. چمڪو. پاڻي (هٿيار جو) – آب. تلوار جي تيزي. چمڪ ۽ چٽ وغيره. ڪنهن شيءِ جو روح (جيئن قودني جو جوهر. وغيره).

– **جوهَرُدار:** ذ. صفت. جوهر وارو. جنهن ۾ جوهر هجي. آبدار (تلوار).

– **جوهَرُ ڏيکارڻ:** گُڻ ظاهر ڪرڻ. شخصي قابليت يا هنر ظاهر ڪرڻ – اثر ڏيکارڻ (ڪنهن شيءِ جو).

– **جوهر کُلڻ:** هنر ظاهر ٿيڻ – خوبي پڌري ٿيڻ – قابليت ظاهر ٿيڻ.

– **جوهر لَطِيفُ:** ذ. لطيف مادو جو نظر نه اچي (جيئن روح وغيره) – سنهي ۽ سنهو مادو – باريڪ ۽ باريڪ عنصر.

– **جوهري:** ذ. جوهر وارو – تيز. آبدار (هٿيار) – پاڻي ڏنل – پاڻي چڙهيل.

• **جَوهَرُ، جَوَهُرُ** ج **جوهَر، جواهرات:** ذ. [ف. گوهَرُ] هيرو – ماڻڪُ – رَتنُ.

– **جَوهري، جَوَهُري، جوهريو:** ذ. صفت. جواهرات جو واپاري – جوهر فروش.

• **جوهَرِ (ڪ):** ٿ. پاجاري (هَرِ جي). بونڊ بوند (ل).

• **جوهڻ:** مصدر. ڏکوئڻ – رنجائڻ – تڪليف ڏيڻ – ستائڻ – تنگ ڪرڻ – ايذاءُ رسائڻ. وڙهڻ – دٻائڻ – ڏمڪائڻ – رعب جمائڻ – هيسائڻ. قبضي ڪرڻ – تابع ٻڌائڻ.

• **جوهڻُ، جوهِڻُ:** مصدر. گهُورَڻُ – ڏسڻ – اک وجهي ويهڻ – جُوهه وجهڻ. نظر هڻڻ. گهُوري ڏسڻ.

• **جوهو:** اسم خاص. ميرپور خاص ۽ گهوڑا ٻاري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جُوهو** ج **جُوها:** ذ. وڻن جو تورو جهڳٽو – جهُصَ – ويڑهه ـ جهُڳٽو. جهوٽو (واءُ جو). تورو وسڪارو (مينهن جو). اوهيرو. آندي. (اسم خاص) تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جوهِلُ:** صفت. گهاٽو (جهنگ).

• **جوهي:** اسم خاص. دادو ضلعي ۾ هڪ تعلقي، تپي ۽ ديهه جو نالو. شهه جو نالو (اصل ۾ جُوهي = وڻن جي هُڙي).

• **جوءِ** ج **جوئِيُون، جويون:** ٿ. [پرا. جايا. سن. جايا] زال ـ گهر واري – استري.

– **جوئيتو** ج **جوئيتا:** ذ. صفت. زال وارو – شادي شده. زناتو – مَڙهو – زَن مُريد.

• **جُوءِ:** ٿ. جُوهه.

– **جُوءِ لائڻ، وجهڻ:** جُوهه وجهڻ.

• **جُوءِ** ج **جُوئِيُون، جُوئِين:** ٿ. [پرا. جُوئا. سن. دُيُوتَ] جُوا (راند) قُماربازي.

– **جُوئاري:** ذ. [پرا. جُوئار. سن. دُيُوتَكار] جُواري – قُمارباز – جوا کيڏندڙ – جُوا جو عادتي.

• **جُوئُر** ج **جوئُرِيُون، جُوئُرُون:** ٿ. [سن. يَوَ + پُنَرکار] اَڻ جو هڪ قسم – پوک جو هڪ قسم (جا خريف ۽ ٽٽي سندس قسم: گاڙهي. ڪلڻ. گُرگُلي. آڇڙو. سائڙي. توڙ. ڪوڏَريو. جَڻ پور. رَهڇڙي. ذات جڙي. ذات گاڙهي. ڪماندڙي).

• **جُوئندهُ:** صفت. [ف. جُستَن = گُولهڻ] گولهيندڙ – تلاش ڪندڙ.

– **جُوينده پائينده:** گولهيندڙ لهندڙ – جيڪو ڪوشش ڪندو اهو ضرور مطلب حاصل ڪندو. (چوٽي).

• **جُوي:** ٿ. [ف] نهر – ندي – واهه – وڏي نالي.

– **جوئبار:** ذ. اها جاءِ جتي نهرون ۽ نالين گهٽيون وهنديون هجن.

• **جويا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **جُوين:** صفت. [ف] جَوَن جي – جَوَن منجهان تيار ڪيل.

• **جُهَ (ل):** ظرف. جيئن. جو. جئن ٿي. "جُهه تو ههڙو حال وساريو، هئي ٿيون وڻ ٻرا" (عيسو).

• **جهه:** ٿ. سردَري ۾ ٽنگيل جهاڪو. زهه.

• **جهات:** جهت جو جمع ڏسيون. "پائي پسن پاڻ ۾. جهاتي اندر جهات" (منار فقير).

• **جِهادُ** ج **جهاد:** ذ. [ع. جَهَدَ = ڪوشش ڪرڻ] دشمن سان حق ۽ انصاف خاطر جنگ – لڙائي. نفس جي خواهشن کي روڪڻ واري جنگ – نفس اَمّارهُ سان لڙائي.

• **جُهارُ** ج **جُهارُ:** ذ. [سن. اَوهار] جوڳين جو مرشد اڳيان سلام (جيڪو جهڪي ڪيو ويندو آهي) نَمَسْڪار – سلام. جاڙهه (پائيءِ جو وڏي وڻڻ (سمند جي). نياز نيايا. "جڏها ڏيڻ جهار. پائندي پرين رسول کي" (خليفو نبي بخش). هندن جي هڪ رسم موجب نئين پرڻيل جوڙي جو پهريون پيرو ديدار.

• **جُهارڻُ:** نمڻ – نيوڙڻ – جهڪڻ. نيڙي سلام ڪرڻ. عزّت ڪرڻ. پوجڻ. تيار ڪرڻ. روانو ڪرڻ. لڏي اها لوڏ. جتان جوءِ جُهاريو" (خان زئي). خيرات ڪرڻ. نئين گهوٽ ڪنوار کي پهريون

پيرو ڏسڻ.

– **جُهاري:** ٿ. جُهارَ. نشين پرٽيل جوڙي جو پهريون پيرو ديدار. هندن ۾ شاديءَ کان پوءِ گهوٽ جي مائٽن ڏانهن وڃڻ وقت ڪيس مليل مُوڙو.

• **جُهارو:** ڏ. جَون جو ڇيٽو جو هندو مائٽ "ماتا ديوي" جي اعزاز ۾ پنهنجي گهر ۾ پوکائيندا آهن. ان لاءِ ته ماتا ديوي راضي ٿي موٽي وڃي ۽ خير جا ٻيڙ گهمائي وڃي.

• **جُهاڙ** ج **جُهاڙَ:** ڏ. [ع] لغوي معنيٰ ۾ گهر جو سامان. شادي، جو سامان. اصطلاح. تجارت جو سامان لڊيندڙ وڏي ٻيڙي. ٻيڙو – غوراب – آڪٻوٽ (جهاز جا ڪيترائي قسم آهن. هوائي جهاز. توپو جهاز بحري جهاز).

– **جهاڙِ ران:** ڏ. جهاز هلائيندڙ – ڪپتان.

– **جهاڙِ راني:** ٿ. جهاز کي هلائڻ جو علم – ملاحي.

– **جُهاڙي** ج **جهاڙِي:** ڏ. جهاز وارو. جهاز هلائيندڙ – جهاز ران.

• **جهالَت:** ٿ. [ع] بي علمي – اڻ ڄاڻائي – بي سمجهي – نادانيءَ – جٽپائي.

• **جَهانَ** ج **جهانَ:** ڏ. [ف] دُنيا – سنسار – لوڪ – سرشٽي – عالَم. مائٽ – لوڪ زمين – ٻون.

– **جهان آفرين:** ڏ. صفت. جهان پيدا ڪندڙ – خدا تعالىٰ.

– **جهان بانِي:** ٿ. بادشاهي – رعيت جي حفاظت.

– **جهان پناهَ:** ڏ. دنيا کي پناهه ڏيندڙ. بادشاهه.

– **جهان تابه:** ڏ. صفت. دنيا کي روشن ڪندڙ – هڪ مهيني جو نالو.

– **جهان داري:** ٿ. حڪومت – بادشاهي. دنيا ۾ اڻ ويهڻ ۽ هلڻ چلڻ جا طور طريقا.

– **جهان ديده:** ڏ. صفت. اهو مائٽ جنهن دنيا کي ڪافي ڏٺو هجي ۽ آزمودا برايا هجن – تجربيڪار – آزمودگار.

– **جهان ڏسڻ:** دنيا کي جاچي ۽ پرکي ڏسڻ – آزموده حاصل ڪرڻ – تجربا پرائڻ.

– **جهانگِيرُ:** ڏ. جهان فتح ڪندڙ. (اسم خاص) اڪبر بادشاهه جي پٽ نورالدين محمد جو لقب.

– **جهانَ ڪِلاڻ:** گهڻا مائٽ پاڻ ۾ ڪلاڻ – بي وقوفي جو ڪم ڪري خلق ڪلاڻ.

– **جهاني:** ڏ. صفت. جهان جو – دُنيا جو – سنساري – دُنيوي.

• **جِهانْ:** ظرف. [سن. ياوتْ – ٽاني] جتان.

– **جهان تهان:** ظرف. جتان تتان. ڪيڏن ب.

• **جهانپُور:** اسم خاص. گهوٽڪي ۽ ڪڙهي خيري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَهان خان:** اسم خاص. تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَهان واهَ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جوڙ نالو.

• **جِهتَ** ج **جِهاتَ:** [ع] طرف – پاسو – ڏس. لاڙو – لڳاؤ – رغبت – نسبتن – عشق. عزّت – مان – مرتبو.

• **جَهْد:** ڏ. [ع] سخت ڪوشش – سئيو – جَتَن. محنت – ڪشالو – تڪليف – ڏاڪڙ. پورهيو.

– **جَهدِ پتَڻ:** ڪوششون ڪرڻ. ڪشالا ڪيڻ – ڏاڪڙا ڪيڻ.

• **جِهَڙ:** ظرف. جنهن وقت – جنهن مهل.

• **جَهَڙ** ج **جُهَڙَ:** ڏ. [يگ + پاجاري + هَر] پاجاري (هَرجي).

• **جَهڙو، جِهڙُو** ج **جهڙا:** ظرف. [سن. يادُرس] رانگي – جيان – جيئن – رانگر. سمان – برابر. (ث) جهڙي ج جهڙيُون.

– **جِهڙائي** ج **جهڙائيون:** ٿ. مشابهت – مناسبت – ساڳيائي – هڪ جهڙائي – برابري – يڪسانيت.

– **جِهڙو تِهڙو** ج **جِهڙا تِهڙا** ظرف. رواجي. معمولي – اڻ پورو – نڪتڪڙ ۾.

– **جِهڙو تِهڙو ڪرڻ:** اڌو گابرو ڪرڻ – اڌ گيدو ڪرڻ. مٽاچر ڪرڻ.

• **جَهَلَ:** ڏ. [ع. جَهْل] بي علمي – جهالت – جٽپڻو. نادانيءَ – اڻ ڄاڻائي. بي وقوفي. جوش – جذبو. ڪاوڙ – غُصو.

– **جَهْلُ مُرَكَّب:** ڏ. اڻ ڄاڻائي ۽ بي علمي هوندي پاڻ کي علم وارو ڄاڻڻ – وڏي جهالت.

• **جَهلَنگَ** ج **جَهلَنْگَ (ل):** ڏ. جالنگ. جهبلو (ڪپڙو).

• **جَهَنَّمَ:** ڏ. [ع] دوزخ – نرڳ.

– **جهنّمي** ج **جَهَنّمي:** ڏ. صفت. دوزخي – نرڳي.

• **جَهو** ج **جَهَا:** ڏ. صفت. گهاٽو (سخت).

• **جِهو** ج **جِهَا:** ظرف. جهڙو.

• **جُهو** ج **جُهَا:** ڏ. جهوتو (هوا جو) جُوهو (مِينهَن جو). جهڪٽو (وٽن جو).

• **جَهُوَر:** ٿ. وري وري ڪرڻ يا ٿيڻ واري حالت.

– **جَهُوَر پَڏڻ:** گهٽو چاهه رکڻ – وري وري ڪرڻ.

• **جُهِي** ج **جُهِيُون:** ٿ. غار. کوٻ. ڏر (ڪنهن جانور جي). مِهٽو – طعنو.

• **جَهِيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَهِيزَ** ج **جَهِيزَ:** ڏ. [ع] ڏاج.

• **جَشْ، جشي:** ٿ. [سن. جَيَ] فتح – جيت – سوپ – ڪاميابي. دشمن جو ختمو. واهه واهه شاباس.

• **جشن جشن (جشي جشي) ڪار:** ٿ. واهه واهه خوشيءَ جا نعرا.

• **جهُپُ ج جهُپَ:** ذ. جهيڙو – جهَٹُ – لاماروَ. جهُوريڙو – گيرُ – اولو (ڪ). آڙَ – اوٽ – پناهه. (صفت) ڏِرو.

– **جهُپِيرُ:** ذ. صفت. (پرا. جهَڏَپَ. سن. آچِدْ. آ = وٺڻ + چِدْ = چِنڻ) جهَپُ هڻندڙ. جهَپيندڙ.

– **جهُپُ هڻڻ:** جهَٹُ هڻڻ – لاماروَ ڏيڻ – ڪَسِڻ – ڦَٹڻ.

• **جهُپاٽر ج جهُپاٽا:** ذ. هوا جو لوڏو – جهُوتو – سَٹَ – جهَڙپ. رڃ جي جهڙپ.

• **جهُپاهڻُ:** مصدر. وِسامڻ – ڳهت ٹيڻ – گهٽجڻ.

• **جهُپائڻُ:** مصدر. گهٽائڻ – گهٽ ڪرڻ – سُمائڻ. نارڻ – اُجهائڻ – وِسائڻ – دفع ڪرڻ – ماٺ ڪرائڻ.

• **جهُپيٽُ ج جهُپيٽ:** ذ. لاماروَ – جهَٹُ – جهَڙپ – سَٹَ.

• **جهُپِيءِ:** ٽه نار جو هڪ قسم (جنهن ۾ لوتن ۽ ڪنگرين جي بدران تختا هجن جي پاڻيءَ کي اُپاڻي ڪَسيءِ ۾ وجهن). گاهه جو هڪ قسم (ڪ).

• **جهُپِيجڻُ:** مصدر. جهنجهن. ڪوهجڻ – پنجڻ – گهنجڻ – ٿورو ٽيڻ – سُمَڻ.

• **جهُپِيرُ ج جهُپِيرَ:** (ت)؛ ذ. (پرا. جهَڏَپ. سن. آچِدْ. آ = وٺڻ + چِدْ = چِنڻ) جهَٹُ – جهَپو – سَٹ.

• **جهُپِيڙُ:** مصدر. جهَٹ هڻڻ. ٿورا ڪَوها ڏاڻڻ (ڪيرُ).

• **جهُپِيڪو ج جهُپِيڪا:** ذ. جهَپُ – ٽَپُ – ڪَسَ. ڏسو "جهُپِيڙُ".

• **جهُپِيلا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهُپِيڻُ:** مصدر. [جهَڻْپهِ. جهَڻْپا] جهڙپ – جهپر هڻڻ – ڪَسِڻ – جهلڻ – پڪڙڻ – ڪاهِڻ. جهڪو ڪرڻ – گهٽ ڪرڻ. "جانب جلوي دار، سو سي سورج جهپيا" (خليفو نبي بخش).

• **جهُپِير ج جهپا:** ذ. جهپ – لاماروَ – جهٽ. (صفت) جهپيندڙ. جنهن جي بدن تي وڏا وار هجن. ڏسو "جهپڙ".

– **جهپير هڻڻ:** جهَٹُ هڻڻ – ڪَسِڻ.

• **جهُپِيرُ ج جهُپِيرُ:** ذ. صفت. جهَٹُ هڻندڙ. جنهن جي بدن تي وڏا وار هجن. پوش.

• **جهُپِيٽُ:** ٽه ڏَڪُ – ضَرَبَ – چِپيٽ. چَڪُ – ڏَنگُ – سَٹَ. ڏسو "چِپيٽ".

• **جهُپِ:** ٽه جهوري – ڳٽي – ڳاراڻو. ڳَرڻ (ڳٽين ۾). جهوري ۾ پوڻ. ڏسو "جهڙپ".

• **جهُپِجڻُ:** مصدر. (سن. ڪُشَنْبَ - ڳَرڻ) اندر جو اندر ۾ ڳَرڻ (غم کان) – وِجهلڻ – روئڻ – گهوڙها ڳاڙڻ – هَنجُون هارڻ. غم ڪرڻ.

ارمان ڪرڻ. پوئتي پوڻ. ضعيف ٿيڻ. ٽڪجڻ. ڪهجڻ.

• **جهجهه**: ث. جهاجهه. جهجهاٽي. "هوت وٽي هنج ڪري. آڻون ويندين جبل جهجهه" (ڪبير شاهه).

• **جهجهڙ ج جهجهرون**: ث. ٽڪر جو وڏو ڏڪو. ڳجيءَ پڳل ڪوٺرو.

• **جهجهري ج جهجهريون**: ث. (سن. جهرْ جهرِيڪا) ٽاڻ، جو هڪ قسم — ڪهڪهي — صُراحي — ڪهاڳهر.

• **جهجهڪارڻ**: مصدر. جهونگارڻ — رينگڻ ڪرڻ.

• **جهجهو ج جهجها**: ذ. صفت. گهڻو — ٿڏو — زياده ۽ بيحد — ڪثير.

— **جهجهائي، جهجهاڻ**: ث. گهڻائي — ڪثرت.

• **جهجهو**: ذ. ٻارن کي ڏيجارڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ — جُوجُو — پُوتُ.

• **جهڏ ج جهڏون (ت)**: ث. پوڙهي يا ڪراڙي مينهن — وڏي عمر واري مينهن.

• **جهڏا (ت)**: ذ. وار — ڄنڊا.

• **جهڏو**: اسر خاص. ضلعي ٺيارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڏو ج جهڏا**: ذ. جبل جي ڪوٽ يا غار. جبل جو اهو حصو جو چَٽ وانگر بيٺل هجي ۽ ان جي هيٺان برسات وغيره ۾ پناهه وٺي سگهجي. پاڻي جي ڪَڏ — ڪُنب — ڪُور. (ذ. صفت) پراڻو — قديم — پوڙهو — جهونو.

• **جهڏ (ت)**: ث. ڳڻتي — ڳاراڻو — جهوري — غَم — وهم — فِڪرُ — خيال — اُلڪو — شوق — لاڙ جي جيپي (ٿ).

• **جهڏ**: ذ. جهنگ. ميدان. هي لفظ فقط "جهنگ" سان گڏ استعمال ٿئي "جهڏ جهنگ، جهنگ جهڏ".

• **جهڏ ج جهڏون (ل)**: ث. غار. ڪُڙ.

• **جهڏاڻ (ت)**: ث. مار — ڪاوڙ — ڏَمرُ.

• **جهڏاندي**: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڏ جهڏ**: ث. (سن. ڪُشْ) جالاري پاڻيءَ جي وهڻ جو آواز. پاڻيءَ جي هڪ ٻئي ٻنيان وَهڪَ — ڪل ڪل — ڪِر ڪِر.

— **جهڏ جهڏ لاڻ**: گهيي ڪرڻ — ڪل ڪل ڪرڻ — ڪِر ڪِر ڪرڻ.

• **جهڏ جهنگ**: ذ. گهاٽو جهنگ. ميدان ۽ جهنگ — دشت و صحرا — هر جڳهه — جتي ڪٽي.

• **جهڏ جهنو ج جهڏ جهنا**: صفت. پراڻو — جهونو — ڪُهنو. پڳل ٽُنڊ. گَرِيلَ سَڙيل.

• **جهڏجهڏ**: ث. صفت. گهڻو — زياده ۽ سڏو.

• **جهڏر**: ذ. ڏُورانهين متي مائٽي.

• **جهڏڙ**: اسر خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڏڙ (ل)**: مصدر. مارڻ — ڪُهڻ. قتل ڪرڻ. تڪي اوزار سان سسي لاهڻ.

• **جهڏڙ**: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

— **جهڏڙ ج جهڏڙيون**: ث. "جهڏڪ" جو مؤنث — جڙي.

— **جهڏڙي ٻُجهڻ**: ڪر نہ ڪرڻ جهڙي ماڻهوءَ جو ڪنهن جو ڪر ڪرڻ. بي جئي ماڻهوءَ جو ڪر ڪرڻ لاءِ آماده ٿيڻ.

— **جهڏڙي ڪيڏ (ث)**: ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **جهڏڙلي**: اسر خاص. جهڏڙي. ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو.

• **جهڏڙڻ**: مصدر. چمڪڻ — جَڙڪڻ — جَڙڪا ڏيڻ. ڏسو "جَڙڪڻ".

— **جهڏڙڻو ج جهڏڙڻا**: ذ. صفت. جَڙڪيو — چمڪندڙ.

• **جهڏڙي ج جهڏڙيون (ڪ)**: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان. پٽيءَ ۾ هڪڙو ڏگهو پڪ، قد هڪ ڪان ڇڻ انڇن ٽائين. ڪاڏي ۾ لذيذ) — جهڙي.

• **جهڏڪو ج جهڏڪا**: ذ. چولي، جو لوڏو. آواز — ٽوڪات. تڪليف — پيڙا — درد.

• **جهڏڪي**: اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڏڪياري**: اسر خاص. تعلقي سامارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڏڪيڻ ول (ث)**: ث. ول جو هڪ قسم سنهي لوٽڪ جهڙا پن. سنهڙا بيج جنهن کي جهڪيون ڪائين).

• **جهڏگ ج جهڏگ**: ذ. ڏوڻ جو هڪ قسم.

• **جهڏگل**: ذ. پوتي جو هڪ قسم.

• **جهڏمت ج جهڏمتَ**: ذ. (سن. ڪُشتِ + ڪُ) هُجوم — ميڙ — اَڻبوهُ

• **جهڏمر**: ث. ستارن يا ڪپڙي تي لڳل زيڪ وغيره جو روشني تي جهڪو. گهٽين بتيين يا ڏيئن وغيره جو ٽمڪو. "تارن" جو ٽمڪو. مختلف قسمن جو ڳڻهن ۽ انهن جي رنگن يا موتين جو جمڪو. سونهن. رونق — چهچتو — ڏيک — نظارو. ٽمڪ ٽمڪ (تارن جي). گهڻ جو هڪ قسم (ث).

• **جهڏمر ج جهڏمرا**: ذ. زيور جو هڪ قسم.

• **جهڏمري**: ث. اها دري جنهن ۾ سنهڙيون پٽيون هجن ۽ هيٺ مٿي ڪرڻ سان روشني يا اونده ڪري سگهي.

• **جهڏڻ**: گَڙڻ — وَهڻ — ڦَرُو ڦُرُو ٿي وهڻ. ٽمڻ. نر جو مادي، کي ڏسي شهوت ۾ اچڻ. چاٽو ڪرڻ (گهوڙي يا گڏهه جو). گِرڻ — پاڻي ٽيڻ (ڪ) ترت اِنزال ٿيڻ. "اِمساڪ" جو ضدَ.

• **جهڏڻ (ت)**: مصدر. نرم ٿيڻ. خوش ٿيڻ.

• **جهڏڻ**: مصدر. (سن. ڪُشَرْڻ) ڇِڄڻ — ٽنڪر ٿيڻ. ڏَڪڻ — ايذاءِ

ڪرڻ (زخم). ڳرڻ – اُپرو ٿيڻ. روئڻ – جهيڙ – ڪرڪڻ.

– **جهُري پوڻ:** پيڇي پوڻ. ڏ ڪوڙجڻ – ايڏائجڻ.

– **جهُريل:** ذ. صفت. پڳل (عضو). ضعيف – اُپرو.

• **جهڙتي جهڙتو** ج **جهڙتا:** ذ. (سن. جهڙ) وهندڙ پاڻي – پاڻي جو ڦوهارو – مٽان (جبل وغيره تان) ڪرندڙ پاڻي – آبشار – ڪنڪيُر – پاڻيءَ جو ڦوهارو – چشمو.

• **جهڙتو** ج **جهڙٽا:** ذ. ڏوڻي وغيره کي هٿ سان ولوڙڻ لاءِ ڪاٻيءَ جو هڪ اوزار – منڊ ٻڌڻ – ننڍڙو منڊيو (ڪ).

• **جهڙو** ج **جهڙا:** ذ. صفت. گهٽ نظر وارو. اهو ماڻهو جنهن جي اکين جي ماڻڪين جو رنگ شيرو هجي. شيرو. بي حيا – بي شرم. اڇن ۽ ڪاڙهن چٽن وارو (ڍڳي). چٽڪمرو (نانگ) (ت). پڳل گهنڊ (ٿ) جهروڪو (ڪ). چشمو.

• **جهڙوٽ، جهروڪ** ج **جهروٽ، جهروڳ** (ت، ڪ): ذ. صفت. [بل. جهڙوت = پوڙهي ڏاڄي] پوڙهو – ڪُرارو – جهور. آڏوٽ – وهي وڃهيل – هيٺو – ضعيف – ٽڪل (ٿ) جهروٽ. جهروڪ ج جهروٽنون، جهروڪون.

• **جهڙوڪ** ج **جهڙوڪون:** ث. (سن. جالَ + اَڪُشَ + ڪ) جاريدار دري (محلات يا ماڙيءَ جي) – ڪٺهڙو. ماڙي يا محل ۾ بيهي ڏسڻ جي جاءِ. ڪڙڪي. جارو. جاريدار ڇجرو.

• **جهڙوڪ** ج **جهڙوڪون** (ڪ): ث. ڪن. جهڏو. غار.

• **جهڙوڪو** ج **جهروڪا:** ذ. جهروڪ جهوڙو – ڪجو ڪُهرُ.

• **جهڙون:** ذ. ترار تي سون يا چاندي چاڙهڻ لاءِ اڪريل جهت گل يا نقش.

• **جهڙي (ٿ):** ث. خارش.

• **جهڙي** ج **جهڙيُون:** ث. (سن. ڪُشَرَ + اِڪا) وڏو – ڪانڇو. جبل تان هيٺ لهندڙ پاڻيءَ جو وهڪرو. سمند جي تري ۾ ڪاڏبون (Creeks) "جهڙيون جهاڳي آيا. ڪارونيار ڪُنن" (شاهه). دروازي يا دريءَ وغيره جي طاقن ۾جي بيهڻ لاءِ ناهيل ڪانڇو – اڪوتو. دلي وغيره جي سيڙ (ٿ: ڪورين جي اصطلاح ۾ ڪُشيءَ جي بيهڻ وارو ڪانڇو. ٻڪري يا ڍڳي وغيره جو هڪ رنگ (ڪ).

– **جهڙي ٻَري:** ث. ٻَري ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ٻٽ تي ڪارا ۽ اڇا ٽڪا. سڳ نديا ۽ وٽيل. ڏاس وڏي. ٿڻ ڊگها. ٽنگون ڊگهيون. ٻچ تي وار تمام گهٽ).

– **جهڙي رندو جهريندو:** ذ. هڪ وڊڪي اوزار جو نالو (جو طاقن ۾ اکوتا ناهڻ جي ڪم اچي).

• **جهڙَ** ج **جهڙُون:** ث. هلڻ ۾ پيرن جي وڙڻ سبب مُرڻي ۾ لڳل ڏڪ (ل). زهڙ. ڏمڪي – تڙي – چڙپ. ٻاڙ (ڪ).

– **جهڙ ڪيڻ:** ڏب ڪيڻ – تڙي ڪيڻ – ڏمال چاڙهڻ (ڪ). تڙي ملائڻ.

– **جهڙُن هڻڻ:** ڪر ڪرو هڻڻ (گهوڙي کي).

• **جهڙُ** ج **جهڙ:** آسمان جو ڪڪرن سان چانڇجڻ واري حالت ـ اڳر – ڪڪر – بادل – ميگهه. ڪڪرن جي چانڇ.

• **جهڙُالو** ج **جهڙُالا:** ذ. جهڙ واري حالت. جهڙ. خوشيءَ جو وقت – ميگهه ملار.

– **جهڙُالو ڪرڻ:** خوشي ڪرڻ. خوشي ملهائڻ. جهڙ واري ڏينهن ڪجهه چڱو چوڪو رڌڻ.

– **جهڙُالي ڪرڻ** (ت): جهڙالو ڪرڻ.

– **جهڙُ جهور:** ث. زوردار جهڙ – گهاتو جهڙ.

– **جهڙُ ڦيرُ:** ث. جهڙ ۽ مينهن پوڻ جي حالت – برسات – بارش – مينهوڳي – ملهار – بارش جي موسم.

– **جهڙ ڪرڻ:** اڳر ڪرڻ – ميگهه ملار ڪرڻ. ڪاڻ واري جو ٻڌڻ وارن تي چانڇجي وڃڻ.

• **جهڙُپ، جهڙَپ** ج **جهڙُپون:** ث. (سن. جُولّ ـ جُوَرَ + ٿُو) هوا جو لوڏو يا جهُرتو – جهَپيٽ. اثر (ڪنهن دوا جو). جنّ وغيره جو پاڇو. سيءَ، جهولي وغيره جي سَٽ. جهَٽ – جهَپ. لامارو. حملو.

– **جهڙُپ اڇڻ:** لوڏو اڇڻ – جهپيٽ اڇڻ. سيءَ يا جهولي وغيره جي سَٽ اڇڻ. بيماريءَ جو اثر ٽيڻ.

– **جهڙُپ لڳڻ:** بيماريءَ جو اثر ٽيڻ. جنّ پوٽ وغيره جو پاڇو پوڻ.

• **جهڙُپ** ج **جهڙُپَ:** ذ. جهَٽ – جهَپ. حملو. ڏسو "جهڙُپ".

• **جهڙُپڻ:** مصدر. جهپ هڻڻ – لامارو هڻي ڪَسڻ. جهَٽڻ – ڪوشش ڪرڻ. ٽڪو ڪاهڻ. وڍڻ (پنڌ). ڏَڪ هڻڻ. حملو ڪرڻ. ڏسو "جهڙُپ".

• **جهڙُڪانڊي:** اَسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڙُ ڪڻ** (ل): ٻَرڻ – پڙڪا ڪرڻ.

• **جهڙُڳ:** ث. ٽڪائي. وارو وار. "بايد" وڏو بند ڪي. ڏُڻابي مون وڏڳ. تورڙي جهونيون جهڙُڳ. ت به ڪنيو وڃي خدا آبادَ ڪي." (بايد).

• **جهڙُڪر** ج **جهڙُڪا:** ذ. جيپ. ڇپيٽ – رُهڙ – ڏمڪي. "ويندي سامهڙ سامهان جهولَ ڏنس جهڙُڪا" (شاهه).

• **جهڙُڪڻ:** مصدر. زور سان ٻَرڻ – باهه جو پڙڪا ڪرڻ.

– **جهڙُگ** ج **جهڙُگ:** ذ. جيپ.

– **جهڙُگائڻ:** مصدر. بارش پڙڪائڻ.

• **جهڙُگو** ج **جهڙُگا:** ذ. جيپ – پيڙ.

– **جهڙُگا هڻڻ:** باهه جو تيز ٽيڻ. فساد مچڻ.

– **جهڑپو ڪرڻ:** پيڙ ڪرڻ – مڇ ڪرڻ.

• **جهڑپ:** مصدر. هڻڻ – مارڻ. ڏنگڻ. ٽڪو ڏيڻ – ٽڪو ڪاهڻ. ٽڪو ڪپڻ. ڳرڻ. وجهلڻ. "لڳن سر لطيف چٽي، منڊ جهيڑي ۽ جهڑي" (شاهه).

• **جهڑو ج جهڑا:** ذ. صفت. بلي، جي اکين سان مشابهت رکندڙ اکين وارو – جهرو – شيرو – شِمْرو.

• **جهڑي جهڑيون:** ٿ. هوا يا مينهن جي ٽڪ يا پيهڪ. جُٽ ـ قِسْ ـ چِسْڪ.

– **جهڑي لائي ڏيڻ:** متو ڪائڻ – تنگ ڪرڻ.

• **جهڑي جهڑيون:** ٿ. مينهوگي – مينهن پوڻ جو وقت.

– **جهڑي ڦيري:** ٿ. مينهوگي، جي حالت – مينهوگي – مينهن – برسات – بارش.

• **جهڑيارو:** اسم. خاص. تعلقي ناري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڪ ج جهڪون:** ٿ. (سن. ڏُوانكُشُ) مڻيءَ واري طوفان – هوا جو سخت جهوڪ جنهن سان ڏُوڙ تمام گهڻي اُڏامي – آندي. تمام ٽيڪو واءُ – واڇ. طوفان. بَڪ – بَڪواس – لَٻاڙ – يخي. (صفت) بَڪ ڪندڙ – بَڪواسي. پوڙهي – ڪراڙي – گهٽو ڳالهائيندڙ ڪراڙي عورت.

– **جهڪ ٽي لڳڻ:** ڪنهن ڳالهه لاءِ هڙهڙ جوڙ – گهٽو ستائڻ. نه ڇڏ ٽي لڳڻ – پڄرَ نه ڇڏڻ.

– **جهڪ وجهائي ڏيڻ:** ساڳي ڳالهه لاءِ هڙهڙ جوڙ – گهٽو جوڙ.

• **جهڪ ج جهڪون:** ٿ. جهڪائي – هيناهين – نَشيبُ – هيناهين زمين – ترائي.

– **جهڪي ج جهڪي:** ذ. صفت. يخي هڪندڙ – بَڪ ڪندڙ.

• **جهڪ ج جهڪ:** ذ. چپ – چُڪهه. وَڻڪ – ور.

• **جهڪ:** ٿ. (سن. كُشْيَ) هيناهين. كُبْ – گَڪ. لڪ – چُپ.

• **جهڪاجهڪ:** ظرف. يڪدم – لهه ڦهه – جهٽ پٽ.

• **جهڪائڻ:** مصدر. "جهڪائڻ" جو فعل مجهول. ڪمزور ٽيڻ. جهونو ٽيڻ. گهٽجڻ (روشني. طاقت ۽ سونهن جو).

• **جهڪائڻ:** مصدر. جهڪ ڪرڻ. گهٽائڻ – گهٽ ڪرڻ – ڏر ڪرڻ. بَڪ بَڪ ڪرائڻ – يخي هٽائڻ. جيڙائڻ.

– **جهڪاڻ، جهڪائي:** ٿ. گهٽتائي – ڏيماڻي. موڙي – قِلّتُ – ڪَمي. روشني يا سونهن جي گهٽتائي. موڳائي. جهونائي.

• **جهڪائڻ:** مصدر. هيٺ ڪرائڻ. ڏنگ ڪرائڻ – موڙڻ. ڏسو "جهڪڻ".

– **جهڪائي ج جهڪائيون:** ٿ. هيناهين لاهي. ڏنگ.

• **جهڪائڻ:** مصدر. نموڙائڻ. هيٺ ڪرڻ (متو يا اکيون). وهاڻ هڻائڻ (اُٺ). ماري مڃائڻ – آڻ مڃائڻ. ڏسو "جهڪڻ".

– **جهڪائي وجهائي:** نمائي وجهڻ. زور سان ڪا ڳالهه مڃائڻ. آڻ مڃائڻ.

• **جهڪجڻ:** فعل مجهول. جهڪو ٽيڻ – گهٽجڻ – جهونو ٽيڻ.

• **جهڪڪو (ڪ):** ذ. هُل – گوڙ – غوغاءِ – شور.

• **جهڪڻ (ڪ):** ٿ. صفت. ڏُهري – اُپري (چوپائي).

• **جهڪڻ:** مصدر. (سن. يُجْ) نموڙڻ. ڪُهو ٽيڻ. ڦوندڙو ٽيڻ – توڙ ڏيڻ. هڪ پاسي لاڙو رکڻ. پاسيرو ٽيڻ. ڏنگو ٽيڻ. ڏوبين جي اصطلاح ۾ ڪپڙي کي مَٿڻ.

• **جهڪٽو ج جهڪٽا:** ذ. اهو جانور جو هلڻ وقت گهڙ ڪري – گهڪير – ضِدّي – هوڏي.

– **جهڪي وجهڻ:** سٽون سڌو ٽي وجهڻ – نَهي جوڙي وجهڻ. ڏسو "جهڪڻ".

• **جهڪو ج جهڪا:** ذ. صفت. گهٽيل (زور. حسن يا قيمت ۾). گهٽ ـ ڪَسو – ڏِرو – ڏِيمو – هلڪو (رنگ) – ضعيف – ڏُهرو – هيٺر – ڏُڪل – هيناهون – نِميل – لاهه وارو. (ذ) ويڙهه (ڪ) – وڻن جو جهڳٽو. هيناهين وڻن واري زمين. جهونو (هوا جو).

– **جهڪو ٽيڻ:** گهٽ ٽيڻ – گهٽجڻ (زور) لَهي وڃڻ (رنگ). ڪومائجڻ.

• **جهڪو ج جهڪا:** ذ. صفت. لَوَيل – نِميل. هيناهون – ڏنگو – ڪُهو – گَڪو.

• **جهڪورَ ج جهڪا (ل):** ذ. وڻن جو جهڳٽو.

• **جهڪوٽ ج جهڪوٽ (ڪ):** ذ. صفت. پوڙهو – ڪراڙو – جهورَ. (ٿ) جهڪوٽ ج جهڪوٽون.

• **جهڪور ج جهڪورون (ل):** ٿ. سخت برسات – لاڳيتو مينهن – جهڙ – شغل – تماشو – مارَ – ڪُٽ – گهپي (ٿ) ـ تمام گهٽو ڪائڻ – بيٺ پَرڻ.

– **جهڪورَ ٻڌڻ:** مينهن جو سانده وَسڻ.

– **جهڪورَ ڪڍڻ:** گهڻي مانيءَ کي جڳي سَڏ ڪڍڻ.

– **جهڪور لائڻ:** چانڻجي وڃڻ. مينهن جو لڳو تار وَسڻ.

• **جهڪوڙ (ٿ):** مصدر. جهڪڻ – جهڪي ٻڌڻ.

• **جهڪي:** اسم. خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڪي ج جهڪيون (ڪ):** ٿ. نندڙن وڻن جو ويڙهه.

• **جهڪيڙ جهڪيڙ (ٿ):** ٿ. سارين جي فصل ۾ مال چڙهڻ جي حالت.

• **جهڳ:** ٿ. اسن. شارڪ شُري – پڇڙ) گڇي – قَبيح ـ گِنڊ – بَڪ – بکواس – يخي.

• **جهڳ (ل):** ٿ. اجايو وات ڪرڻ واري حالت – يخي – لَٻاڙ – بَڪ

– ولوڙ – جهوڪ – لٽ. ڏ. ولوڙڻ واري حالت.

• **جهڪارڻ (لس):** مصدر. جهڪڻ – لٽڻ – ولوڙڻ.

• **جهڪٽو ج جهڪٽا:** ڏ. وڻ جي ٽارين جو گهاٽو ميڙ. وڻن جو ميڙ. ٻڌ جي ٻڌاڑي، وارو وارن جو مُجو. ڪنِ ۽ شين جو مُجو.

• **جهڪ جهڪ:** ٿ. زباني تڪرار – بحث مباحثو. بحث برائي بحث اجائي گفتگو. بيسود گالهيون. بي اصول باتيون.

• **جهڪڙي جهڪڙو:** ڏ. گب مان هلڻ لاءِ گب تي لاڪڙ وجهي ٺاهيل رستو. واهه يا ڪڙئي جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ واهه يا ڪڙئي جي ٻيٽ ۾ گاهه تارا يا ڪاٿين وجهي ڏنل بَنڊ.

• **جهڪڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهڪڙ ج جهڪڙا:** ڏ. باز پکيءَ جو هڪ قسم. (صفت) اجايو لڙ ڪندڙ – گهٽو گالهائيندڙ – بڪواسي.

– **جهڪڙ ٿيڻ:** گهڻ گالهائو ٿيڻ – اجايو تڪرار ڪرڻ.

• **جهڪڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهڪڙڻ:** مصدر. (سن. ڏگڏ = ٻريل) جهيڙو ڪرڻ – جهڳڙو ڪرڻ – ماندائ ڪجائڻ.

• **جهڪڙو ج جهڪڙا:** ڏ. جهيڙو – تنتو – فساد – رڳڙو – بحث – تڪرار – مقابلو. ڏسو "جهڪڙڻ".

– **جهڪڙائي:** ڏ. صفت. جهيڙو يا جهڪڙو ڪندڙ – جهيڙائي – فسادي – جهڪڙي وارو – جهڪڙي جو ـ جهڪڙيلو. ڏسو "جهڪڙڻ".

• **جهڪڙي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهڪل:** ڏ. مجلس – دعوت – جُمع – ڪانو – وليمو.

• **جهڪلي ج جهڪليون:** ٿ. زيور جو هڪ قسم.

• **جهڪمڪ:** ٿ. (سن. جَگمَ) چمڪو – چلڪو – تجلّي – جهرڪو – رونق – روشني – جهرمر. جنسار – سينگار. ٽمڪو.

• **جهڪمڪيو:** ڏ. صفت. روشن – چمڪندڙ – چلڪيدار. ڏسو "جهڪمڪ".

• **جهڪڻ (ڪ):** مصدر. مار ڏيڻ – جهڪوڙڻ – ڪُٽمي مار ڏيڻ.

• **جهڪيڻ:** مصدر. سوال جواب ڪرڻ – گفتگو کي ڏگهو ڪرڻ – دليل ڏيڻ – بحث مباحثو ڪرڻ – بڪ بڪ ڪرڻ.

• **جهڪوڙ:** مصدر. ولوڙڻ. لٽهڻ. جاچولڻ – پاڻي وغيره ۾ هٿ وجهي خراب ڪرڻ. جهوڳڻ. جهاڳوڙڻ (ڪ).

• **جهڪو ج جهڪا:** ڏ. پونگو – جهوپڙي – ڪڪائون گهر. گهر – مڪان. رَجُ جو هڪ قسم (جو پيشگير جيڏو ٿئي. مهاڻا ان کي ٽونڊين تي رکي پاڻيءَ ۾ آڇلائيندا آهن).

– **جهڪو جهوڙ ٿيڻ:** پونگو پينگ ٿيڻ. سڪجهه ناس ٿيڻ. اگر تگر ڇت ٿيڻ. نقصان پهچڻ – گهر برباد ٿيڻ.

• **جهڪوڙڻ، جهڪوڙائڻ:** مصدر. (سن. جهَ + ڪارَ) سودا يا ڪار جي پاڻيءَ ۾ ڪپڙو وهڻ – هٿارڻ – جاچولڻ. ولوڙڻ. لٽڻ سان مار ڏيڻ.

– **جهڪوڙن جهڪوڙ:** ٿ. پاڻيءَ ۾ ڪپڙي کي جاچولڻ – هٿارڻ. لٽڻ مُڪڻ وغيره سان مار – پيچ – چٽ. ڏسو "جهڪوڙڻ".

– **جهڪوڙ ڪيڻ:** ڏاڍي مار ڪيڻ – لٽڻ مُڪڻ سان پيچ ڪيڻ. ڏسو "جهڪوڙڻ".

– **جهڪوڙي چڏڻ:** لٽڻ سان لتاڙي چڏڻ – ڏاڍي مار ڏيئي بي حال ڪري چڏڻ.

• **جهڪي ج جهڪيون (ل):** ٿ. بڪ – بڪواس – يخي. وڻل. بَهوڙ. اجايو گالهائڻ.

• **جهڪي ج جهڪيون:** ٿ. جهوپڙي – پونگي. نندڙو گهر. هنڌ. پٽڙو.

• **جهڪيا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهلڻ ج جهلڻون:** ٿ. مصدر. "جهلڻ" مان اسم. روڪ – رندڪ. پڪڙ. ٻڌڻ – منع – ممانعت. بندش. آڏ – آڙ. شڪار واسطي وڻ جي ڏاڻن تي ٻڌل پينگهي مثل جهولي. گنڍڻو. ٻاهرو جهنگ. چوپائي مال جي روڪ لاءِ ناهيل واڙو. جنديءَ ۾ ڪتل لوهه جي سيخ. اها پڪري جا لڳ يا هوڪ نه ڪري – اها ڪاني جيڪا ٽيڪ لاءِ ڪم اچي.

– **جهل پل:** ٿ. منع – ممانعت – روڪ – بندش – رڪاوٽ.

• **جهلڻ ج جهلڻ (ٿ):** ڏ. ڏڳهي ناڇيءَ جو حصو.

• **جهلڻ، جهلڻ:** ٿ. (پرا. جهلڻ. من. جهلي) ٻوٽي جو هڪ قسم. هن جا ڏندڙ سڏا ٿين.

• **جهلڻ ج جهلون:** ٿ. [ع. جَلّ] غاشيو – بالاپوش – سينگار لاءِ ات جي ٻني، تي وڇهن جو هڪ ڪپڙو (جو هيٺ تي لڙڪندو آهي). پرت پريل رنگين ڪپڙن سان ڪپڙو جو ات. ڍڳي وغيره تي ٻني ڍڪڻ خاطر وجهجي. ڍڪ (ڪپڙي جو). [ڀاتڪي] پتراٽي. وهاتي وغيره جي ڇو (ٿ).

• **جهلائڻ:** مصدر. "جهلڻ" مان متعدي بالواسطه. منع ڪرائڻ. روڪائڻ – گرفتار ڪرائڻ – پڪڙائڻ – قابو ڪرائڻ.

• **جهلائڻ (ڪ):** مصدر. لوڏڻ.

• **جهلجڻ:** مصدر. "جهلڻ" جو فعل مجهول. قيد ٿيڻ. گرفتار ٿيڻ –

پکڑڻ – قابو ٿيڻ. ونجڻ (بيماريءَ وغيره ۾).

• **جهلڻ (ت)**: ث. رلي، جو مٽيون پڙ – لهه.

• **جهلڪ**: ث. سٽ يا ڏاڻ وغيره ڪٽڻ جو اوزار (ڪاٻيءَ جي ڳلي آهي جنهن کي فيرائڻ سان تند تي وٽ جڙهي ٿو).

• **جهلڪار (ت)**: ث. هوا جو جهوٽو.

• **جهلڪڻ**: مصدر. (پرا. جهلڪ. سن. جهلّ + ڪ) جهڑڪڻ – چمڪڻ – جلڪڻ – چمڪاٽ ڪرڻ. تجلا ڪرڻ – جهر مر ڪرڻ.

– **جهلڪ**: ث. چمڪو – جلڪو – چمڪاٽ. تجلو. روشني. رونق.

– **جهلڪٽو ج جهلڪٽا**: ذ. صفت. چمڪو ڏيندڙ. چمڪٽو – تجلو ڪندڙ. جهڑڪٽو.

– **جهلڪو ج جهلڪا**: ذ. چمڪو – تجلو. جلوو.

– **جهلڪا ڏيڻ**: چمڪڻ – تجلي ڏيڻ – رونق ڏيڪارڻ.

• **جهلڪو ج جهلڪا**: ذ. واءُ جو جهوٽو – لوڏو – جهٽڪو. وڇي سان هوا جو لوڏو.

– **جهلڪو ڏيڻ**: نڪ کي موڙو ڏيئي نخري جو اظهار ڪرڻ. نقل ڪرڻ – اهل ڪرڻ.

• **جهلڻ ج جهلڻ**: ذ. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺ (جو ڪوهاڙي جي مُنهن تي رکيو آهي. نار جو سمورو بار هن ڪاٺ تي ٽيندو آهي).

• **جهلڻ**: ث. هڪ سائر ٻوڙو جنهن جي پنن جي ٻهترين پاڇي ٺٽي.

• **جهلڻ (ت)**: مصدر. و هنجڻ.

– **جهلڻو (ت)**: ذ. وهنجڻ جائو – غسلخانو – تڙ جي جاءِ.

• **جهلڻ**: مصدر. (سن. ڏلّ، ڏلّ = لڏڻ. لڏڻ – جهولڻ (پينگهه ۾). لاڙ سان جهولي اچڻ. "سدا وسين ترن ساگرا، تو مٿي محمد ميرَ، تو ۾ جهلندين جهاڙ وندين مليو ميت مليرَ" (ميون شاهه عنايت).

• **جهلو**: ذ. روڪ – آڏ – رندڪ. نيڪ – آڏر ۽ سهارو. بچاءُ. جتاءُ. واءُ جو هڪ قسم (جو صحت لاءِ نقصانڪار آهي. ڪتو (مشين جي ڪنهن پرزي کي روڪڻ لاءِ) وٽن جو جهڪٽو – هڙي (ت). ڪاڌيو (ل). اوهه جو ڪير سان پرجهڻ جي حالت (ت). (اسم خاص) ڪنڊ ڪوٽ ۽ ڪوٽڙي تعلقي ۾ ڏيهن جو تالو. تعلقي ڏاڏو ۾ هڪ گوٺ جو تالو. ڏسو "جهلڻ".

– **جهلو جهلو نه لڳڻ (ت)**: ڪوسو واءُ نه لڳڻ. ڪوبه غم يا فڪر نه ٿيڻ. ڪابه تڪليف نه رسڻ – سلامت رهڻ (هر تڪليف کان).

• **جهلو ج جهلو**: ذ. صفت. جهلينڊڙ. روڪيندڙ – رنديندڙ. وٺندڙ. پڪڙيندڙ. ڏسو "جهلڻ".

• **جهلوري**: اسم خاص. ننڍي ٻاڱي. سماري ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ ڏيهن جو تالو.

• **جهلي ج جهليون**: ڪاٺ ۽ ڪپڙي مان ٺهيل وڏو پکو (جو ڇت ۾ ٻڌي ڇڏبو آهي ۽ نوڙين سان لوڏي هوا پيدا ڪئي آهي). جبل ۾ مينهن جي پاڻي روڪڻ لاءِ پٿرن جي آڏ يا بند.

• **جهلي ج جهليون**: ث. (سن. ڪُشين = نازڪ. باريڪ) پيٽ جو اندريون باريڪ جهڙو – جهڙي جو سنهون پڙدو. گوشت جو سنهون ٿهه.

– **جهلون پائڻ**: پردا ڇاڙهڻ – روڪ يا منع ڪرڻ. "اکين کي آئون. جان کي جهلون پائيان" (شاهه).

• **جهڙ (ت)**: ث. اسن. جهڻ) ڏَمَ – زور – ڏَب. لوڏو ڏڪو.

– **جهڙ ڏيڻ**: زور ڏيڻ – ڏَب ڏيڻ. لوڏو ڏيڻ.

• **جهڙ**: ث. هيٺاهين زمين. جهميل ايراضي – وڏي ترائي. (سنڌ ۾ هيٺاهين زمين وارين مختلف ايراضين جو تالو – ڪوٽڙي ۽ جنگلاهي جي وچ واري وڏي ترائي ۾ مدفون هڪ ولي الله جو تالو "جهڙ پير" – جاتيءَ کان ڇهه ميل ڏکڻ "جهڙ مڪان". وغيره). ڏاڍي مار.

• **جهڙ**: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو تالو.

• **جهڙ ج جهڙ**: ذ. ويڑهه ۽ گهاٽي وٽي – جهنڊ. ميڙ.

– **جهڙ ڪرڻ**: ميڙ ڪرڻ – گوڙ ڪرڻ. جهمٽو ڪرڻ.

• **جهماڻ (ل)**: مصدر. ڏنگو ڪرڻ. جهڪائڻ – نماڻ. نمائڻ (پاڻيءَ مان). پساڻ – آلو ڪرڻ. گُهڙ ۾ تر ڪرڻ – پکوان ڪارائڻ – ڪانو ڪارائڻ. ڏسو "جهمڻ".

• **جهمٽ ج جهمٽ**: ذ. وٽن جو جهڪٽو – ويڑهه – جهنڊ. ڇڪو (ميوي جو). انبوهه – ميڙ.

• **جهمٽا (ت)**: ذ. واڙ – ڇتا – پيندا.

• **جهمٽڙي ج جهمٽڙيون**: ث. تيز – چالاڪ – سُگهڙ.

• **جهمٽو ج جهمٽا**: ذ. وٽن جو جهڪٽو – جهمٽ.

• **جهمٽي ج جهمٽيون**: ث. پيڙي جو هڪ قسم. ميرن جي دؤر ۾ اميرن لاءِ خاص ٺهيل پيڙي. ڪٺهڙي جو هڪ قسم (جو ڪنن ۾ پاتو وڃي. واليءَ جهڙو. سون يا چاندي، مان ٺهي) – ننڍڙو پنڙو.

• **جهمر جهمر، جهمر جهمر**: ث. زيورن يا گهنگهرن جو چمڪو. مينهن وسڻ جو آواز.

• **جهمرُ ج جهمسر**: ذ. وڻ جو هڪ قسم ۽.

• **جهمڪ**: نظر نظر سان ملائڻ وقت اکين جو وڌيڪ روشن ٿيڻ. چمڪڻ "اکڙيون ازالي، وڻوڪاسائي، جهمڪن لڻي جهڪور" (درياخان).

• **جهُمِر جهُمِريُون:** ٿ. (سن. جهنپ) لوڪ ناچ جو هڪ قسم. خوشيءَ جي موقعي تي هڪ قسم جو عوامي ناچ – قيري (هٿن ٻانهن جي جُرپر جيلهه ڏوڙي ڪرڻ ذريعي ٿيندڙ).

– **جهُمِر وجهن:** خوشيءَ مان نچڻ – قيريون پائڻ. جهيڙو پيدا ڪرڻ.

– **جهُمِر هُڻڻ:** جهمِي جهمِي نچڻ – قيريون پائي نچڻ – قيريون ڏيڻ – بيحد خوشيءَ مان نچڻ.

– **جهُمُريُون هُڻڻ:** خوشيون ڪرڻ – قيريون پائڻ. جهيڙو ڪرڻ. لينگ تپا ڏيڻ.

• **جهُمڪ، جهُمڪُ:** ڏ. وڏ جي تارين جي گهاتائ. ڇڪ – جهُڪُنو.

• **جهِمڪڻ (ل):** مصدر. اکيون چنڀيڙ – روئڻ.

– **جهِمڪ:** ٿ. اکين جي چنڀيڙ. روئڻ جو آواز.

– **جهِمڪائڻ:** مصدر. "جهمڪڻ" مان متعدي بالواسطه. اکيون چنڀيڙ. روئارڻ.

• **جهُمڪُڻ (ل):** مصدر. پکين جو وڻ تي ڪرڻ ۽ وري اڏامڻ.

• **جهُمڪو ج جهُمڪا:** ڏ. لوڏو – ڏڪو. لامارو.

• **جهِمڪو ج جهِمڪا:** ڏ. جِمڪو – جِلڪو – چمڪات. تجلو.

• **جهُمڪو ج جهُمڪا:** ڏ. (سن. جهُمْپ) ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهڻو.

• **جهِمڻُ:** مصدر. (سن. جهُمْپن) نِمڻُ – نِسُرڻُ – جهُڪڻ. لڏڻ – بار سبان جهُڪي وڃڻ – ڏرو ٽيڻ. ويهجي وڃڻ. تمتار ٽيڻ (گيهه وغيره مان). پائي تِمڻُ (ڇت يا ڪپڙي مان).

• **جهِمو ج جهِما (س):** ڏ. ننڍي قد وارو. ڄڻن جو هڪ رنگ.

• **جهِمِي ج جهِميُون (ت):** ٿ. هڪ قسم جو گاڙهو ۽ ڀُريل ڪپڙو.

• **جَهَنَ:** اسم خاص. تعلقي مني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهُنبڻُ (ل):** مصدر. (قد. جُنبيدَن) جُهٽي وڃڻ – جنبڙي وڃڻ – لڳي وڃڻ – جُنبي وڃڻ – جَمي وڃڻ – جُنبڻُ.

• **جهُنپُوتڻُ (ت):** مصدر. جانپوتا وجهڻ. رانپوتا هڻڻ. هٿين پوڻ – ٻڪين پوڻ. اٽڪڻ – ڳنڍ جوڙ.

• **جهُنپُوڻُ:** جهانپوتو – رانپوتو.

– **جهُنپوتين پوڻ:** رانپوتا هڻڻ. هٿين پوڻ – وڙهڻ.

– **جهُنپُڻُ (ت):** مصدر. جهُنڀڻ – جهُنبِڻ.

• **جهِنجهه (ل):** صفت. پُرپُور – پُريل – تمتار (ميون سان وڻ).

• **جهُنجهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهُنجهَٽ:** ڏ. جَنجال – خَفو – ڪٽ پٽ ۽ معاملو. رڳڙو – پريشاني – مُونجهارو – اُلجهن – تَنتو.

• **جهِنجهڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهِنجهِڻُ ج جهِنجهِڻ:** ڏ. (جهَن = آواز ڏيڻ) گاهه جو هڪ قسم (هن جي ڪائين مان رَسيون ٺهن). جهنجهِٽو (راندين) – چمڪٽو – چڪٽو.

• **جهِنجهِٽو ج جهِنجهِٽا:** ڏ. باراڻي راندين جو هڪ قسم. چمڪٽو – چمڪٽو. ڏسو "جهنجهِٽو".

– **جهِنجهِٽو وڃائڻ:** باراڻو ڪم ڪرڻ. بي فائدو ڳالهه ڪرڻ. گهٽو سمجهائڻ – مٿو هڻڻ.

• **جهِنجهوڙي:** ٿ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **جهِنجهوڙڻُ:** مصدر. (سن. جهَنجهَ. جهَن = آواز ڏيڻ) ڏونڊاڙڻ – خوب مهِنڊ ۽ ملائڻ.

• **جهِنجهِي (ٿ):** اسم خاص. ٿر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جهَنڊ:** ٿ. (سن. جهاتَ) بار جي مٽي جا پهريان پيدائشي وار. جهنڊ لهرائڻ جي باس. عقيقو.

– **جهِنڊ لَهرائڻ:** بار (پَتَ) جي مٽي جا پيدائشي وار ساڻ سَوڙ سان ڪرڙائڻ.

– **جهَنڊوَلو ج جهَنڊوَلا:** ڏ. صفت. اهو بار. جنهن جي مٽي جا وار وڏا ۽ جڙوجڙ هجن.

• **جهُنڊ:** ٿ. جيت جو هڪ قسم (جو ڪپڙو ٽڪيندو آهي). تڏو – تڊ ـ تڊ. مچرن جو وَلَر (ل). ڪڪڙن جي ڪاڏل پوک (ڪ).

• **جهُنڊ، جهُنڊ ج جهُنڊُون، جهُنڊا:** ٿ. ڏ. مُنهن لڪائڻ لاءِ ڪپڙي جو پَلُ، مُنهن تي ورائي جڏڻ جي حالت – گهُنڊ. ٻوڪالو (ڪ) نقاب – پَٽ – گهُنڊالو.

– **جهُنڊ ڪرڻ، هُڻڻ:** گرمي، لُڳ. سيءَ وغيره کان بچاءَ لاءِ يا سچائپ کان بچاءَ لاءِ ڪپڙو مُنهن تي ويڙهڻ – پَٽ پَڌڻ. گهُنڊالو پَڌڻ.

• **جهُنڊ ج جهُنڊا:** ڏ. (سن. يُوتَ) ننڍين جهاڑين يا وڻن جو ميڙ. ميڙ – ٽولو (پکين وغيره جو). پَٽ – گهنڊ (ت).

• **جهِنڊا، جهُنڊا:** ڏ. جهنڊ ـ ڇتا – جُنڊا.

• **جهَنڊاڻي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهُنڊ ڻ (ڪ):** مصدر. ڪُترڻ – ٽڪڻ (ڪپڙو). ڪائي وڃڻ – ڇري وڃڻ (پوک). جهنڊ هڻڻ. مَراقبي ۾ ويهڻ.

– **جُهنڊ:** ٿ. ڪڪڙن جي ڪاڏل پوک.

– **جهُنڊائڻ:** مصدر. "جهنڊ ڻ" مان متعدي بالواسطه ـ ڪُترائڻ – چارائڻ.

– **جهُنڊِجڻ:** مصدر. "جهنڊ ڻ" جو فعل مجهول – ڪُترجڻ.

• **جهَنڊو ج جهَنڊا:** (سن. خِيَنْتْ ڪنهن عَلَم – انگاس – پڙ – ٻيرق

– بانبتو. جنگ – نيزو ٽڪا جهور جهنڊي جي ٽڪو مياندار منجهن" (اسر خاص) ماڻهوءَ جو نالو.

– **جهنڊاڻي:** ذ. صفت. جهنڊو کنڊڻ – علمبردار – ماٽر جا جهنڊا کڻي جلوس ۾ هلڻ وارو.

– **جهنڊو کڙو ڪرڻ:** نشان قائم ڪرڻ. قبضو جمائڻ.

• **جهنڊي ج جهنڊيون:** ث. ننڍو جهنڊو. بانڻتي – ڏجا. ڪپڙي يا ڪاغذ جي ڪاڻيءَ ۾ ٻڌل ٽڪري. ريل گاڏيءَ کي هلائڻ يا بيهارڻ جي جهنڊي. ڏسو "جهنڊو".

• **جهنڊي (ل):** ث. ڏاڙن جي هڪ راند (جنهن ۾ هڪڙي ٽولي ٻي کي چوندي "جهنڊي ميهار" ۽ وري ٻي ٽولي چوندي "جهنڊي ريدار". اڳين جئي پاڻ ۾ ٻڪين پڇجي ويندا).

– **جهنڊي ڏيڻ:** مهاڏو اٽڪائڻ – مُنهن ڏيڻ – مقابلو ڪرڻ.

– **جهنڊي کائڻ:** مهاڏو اٽڪائڻ – ڇڪري کائڻ – مقابلو ڪرڻ – گهٽو بحث ڪرڻ.

• **جهنڊ ڇ جهنڊَ:** ذ. (سن. جَنْڪَل) جهنگل – ٻيلو – بَنَ – ڏُڪ. گهاٽن وڻن وارو هنڌ. گهاٽي وڻڪار. ويرانو – سُڃ.

– **جهنڊار ڇ جهنڊارُون (ڪ):** ث. جهنگ ۾ ڏُنڊر ٻڪري.

– **جهنڊ ٻيلو:** ذ. جهنگراڙ ٻلو – جهنگلي ٻلو.

– **جهنڊ جو خيال ٿيڻ:** حاجت ضروري محسوس ٿيڻ – پائخاني جو خيال ٿيڻ.

– **جهنڊ جهڙ:** ذ. جل ٿل. هر هنڌ – هر جڳهه – هر جاءِ.

– **جهنڊ جهڙڻ:** بنا ڪنهن مقصد جي رُلڻ – ٻنڪڻ.

– **جهنڊ جهڪڻ (ڪ):** اجايو مٿو هڻڻ – جهنڊ جهاڳڻ.

– **جهنڊ جهير (ت):** ذ. جهڙ جهنڊ.

– **جهنڊراڙ، جهڙاڙ:** ذ. جهنگ جو – جهنگلي – جهنڊ ۾ رهندڙ (جانور).

– **جهنڊراڙ ٻلو:** ٻلو – ڪارو چيتو.

– **جهنڊ راهي ٿيڻ:** فقيري اختيار ڪرڻ – دنيا کي ترڪ ڪرڻ – جوڳي بڻجڻ. جهنگ مُنهن ڪرڻ.

– **جهنڊ ڪُکو:** ذ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم. ڪُکڙ جهڙو – وڏو جهنگلي ٻڪي.

– **جهنڊ ڪَٽڻ:** ٻيلو وڍڻ. زبردناف وار ڪورڻ.

– **جهنڊ ڪڍڻ:** زمين منجهان وڻ ٻوٽا کپي صاف ڪرڻ – لاهه ڪڍڻ.

– **جهنڊ ڪُڦوري:** ث. هڪ قسم جو خوشبودار جهنگلي ٻوٽو.

– **جهنڊڪ ڇ جهنڊڪَ:** ذ. جهنڊ – ٻيلو – اها زمين. جنهن تي گهاٽا قدرتي وڻ هجن.

– **جهنڊ ڪَنڊ:** زبردناف وار ڪورڻ.

– **جهنڊڪ شڪافي:** ث. ٻيلي جي وڍ. جهنڊ ڪَٽڻ واري حالت.

– **جهنڊڪل ۾ هٽڪل:** ذ. سُڃ ۾ شهر – بي رونق هنڌ تي تماشو – ٻَٽ ۾ بازار.

– **جهنڊلي ڇ جهنڊلي:** ذ. صفت. جهنگ جو – جهنگ وارو. ڏهقاني – گونائو. وحشي – خونخوار – بيوقوف – ڇسو. بدتهذيب.

– **جهنڊلي بصر:** ذ. بصر جو هڪ قسم (اڇي رنگ جو. واريائي زمين ۾ ٿئي ۽ دوا طور ڪم اچي).

– **جهنڊلپاڻي، جهنڊليپڻ، جهنڊليپڻو:** ذ. وحشائيت – چڙ ڳڙڻ واري حالت – درندگي – گڙڻ بگهڙن واري ڪار.

– **جهنڊلي زعفران:** ذ. ڪهنبو – ڪسنبو.

– **جهنڊلي ڪريلو:** ذ. پساري وڪڙ طور ڪم اينڊڙ هڪ ڦڙ جو نالو.

– **جهنڊلي گڏهه:** گورخر.

– **جهنڊلي گل:** ذ. زنگي گل (هن جي ٻوه کان ٽڪهيڙ اڃ جو امڪان هوندو آهي) – هڪڙو سادو گل. "آهي گل زنگي تو ترگس سڏائي."

– **جهنڊ مارڻ:** جهنگ ڪٽڻ. پوک لاءِ زمين صاف ڪري تيار ڪرڻ.

– **جهنڊ مان ٽي اچڻ:** ڪاکوس ڪري اچڻ.

– **جهنڊ مُنهن ڪرڻ:** فقير ٿيڻ – بنواس ٿيڻ. گهربار چڏي هليو وڃڻ. نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ – دنيا ترڪ ڪرڻ.

– **جهنڊ وڍڻ:** آبادي ڪرڻ لاءِ زمين مان بيڪار ٻوٽا ويڍي ڪڍڻ.

• **جهنڊ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهنڊ:** ث. ٻڪين جي جهنگڻ جي حالت.

• **جهنڊاڻڻ:** مصدر. (جهن = آواز ڏيڻ) جهونگاڻڻ – چوپائي مال کي هڪالڻ لاءِ ڪي خاص آواز استعمال ڪرڻ.

• **جهنڊر ڇ جهنڊَر (ڪ):** ذ. ڪنو – آکر (مڪڻ جو).

• **جهنڊر جهڪڻ:** اجائي مغز ماري ڪرڻ – مٿو هڻڻ. بي فائدي محنت ڪرڻ – بيسود ڪم ڪرڻ.

• **جهنڊراڻو (ل):** ذ. ٻڪين جو ميڙ. جهنڊ – ٻڪين جي ٻَڌ ٻَڌ.

• **جهنڊلو:** ذ. (سن. جانگلَڪ) راڳڻيءَ جو هڪ قسم.

• **جهنڊلو ڇ جهنڊلا:** ذ. (سن. جانگلَڪ) لوهي تارن جو لوڙهو. ڪاڻين جي ڏاڪاڻين پٽ. ٻيڙيءَ جو ڪنڌوڙو.

• **جهنڊڻ:** مصدر. ٻڪين جو ڪنهن شيءِ تي ميڙ ڪرڻ. ٻڪين جيان ڪاوڙاب ڪرڻ – لوڙڻ. ڏسو "جهنگارڻ".

• **جهنو ڇ جهڻا:** ذ. صفت. (سن. جيرڻ) جهونو.

– **جهنوتيڻ:** جهرنوتيڻ.

• **جهنوڻ (ت):** مصدر. نمڻ – جهمڻ – نروڙڻ – تواضع ڪرڻ – انڪساري يا عاجزي ڪرڻ.

• **جهنڙو ج جهنڙا (ت):** ذ. وڏي ماڻي (ولوڙڻ لاءِ).

• **جهنڙوڪو ج جهنڙڪا (ڪ):** ذ. صفت. جهڪو – ڏرو – ولو – سُستَ رفتار.

• **جهڻ:** ٿ. ڏونري ولوڙڻ بعد ٿري آيل ڦيٽ (جنهن مان مڪڻ نهي). مڪڻ نہ نڪتل ڏاڻ – مهي. گهاٽو ڏاڻ.

– **جهڻ ٿي پوڻ (ت):** ٽڪجي ٻوڙ – ماندو ٿيڻ. ٻڪجهرجي وڃڻ.

– **جهڻ تورو (ل):** ذ. صفت. ڪنجوس.

– **جهڻ جهڪڻ:** ڏونرو ولوڙڻ.

• **جهڻجهو:** ذ. (سن. جَنَ = ماڻهو. جَنُ = جَڻڻ + ٻڌا) جڙ ٻوٽو – سارو ڪٽنب – سمورو قبيلو – سيڻي ياتي – ڪُلَئي مٽ مائٽ.

• **جهڻ جهڻ:** ٿ. (جهڻ = آواز ڏيڻ) جهنجهٽي جو آواز. ڇڻڇڻ.

• **جهڻ جهڻ:** ٿ. ڪُر ڪُر. رينگو.

• **جهڻ جهڻ ڪرڻ:** رينگو مچائڻ – ٻندي ٻارڻ. مٿو ڪاڻي وڃڻ.

• **جهڻڪ:** ٿ. (سن. ڪُشَر + ڪ) ڏمڪي – چڑب – چيڀي – ڏڑهي. ڏڑڪو. تنبيهه – ٻيڪ – چيٽ.

• **جهڻڪار:** ٿ. [سن. جهَنْڪارُ] زيورن يا گهنگهرن جو آواز. جهڻ جهڻ جو آواز. ڇڪتار. چڑب – ڏڑي – تنبيهه.

• **جهڻڪڻ:** مصدر. (سن. جهَنْڪار) چڑب ڏيڻ – ڏريون ملائڻ – تنبيهه ڪرڻ. جَٽ ڦٽ ڪرڻ – ٽورو ڪاوڙ مان ڳالهائڻ. هيسائڻ. واجو ڪرڻ – آواز ڪرڻ. جهڙجهڪڻ – هٽڪڻ.

• **جهڻڪڻ:** مصدر. ڪُرڪڻ – ڪنجهڻ – چنگهڻ. جهونگارڻ – ڇڻن ر ڪجهه ڇوڙ. ڪُڙڪڻ. آهستي ڳالهائڻ – ٻڙ ٻڙ ڪرڻ.

• **جهڻي:** ٿ. صفت. ماندي – پريشان. ڀڪناڇور – "وڻي ٻڪي ٻاڻ، جهولي جهنڪ جهڻي ڪي" (شاهه).

• **جهوٻ:** ٿ. (سن. ڪُشْپ = لوڏڻ) جهڀ – ولوڙ. تڪليف. چپ (صفت) جهورُ بوڙهي – پوراڻ (ڪ).

• **جهوٻائڻ:** مصدر. چڙڻ. پيڙڻ.

• **جهوٻڻ (ت):** مصدر. (سن. ڪُشْپ = لوڏڻ) جهڀڻ – لڙڻ – ولوڙڻ – تڪليف ڏيڻ – ٻري طرح لتاڙڻ – ڏکوئڻ. جماع ڪرڻ.

– **جهوٻيل:** ذ. صفت. ٻاڻي جهاڳڻ سبب تڪليف پهتل.

• **جهوٻر ج جهوٻا:** ذ. لوڏو – ڏکو – ٽيلهو. ڏڏکو – صدمو. ڏسو "جهوٻڻ".

• **جهوٽ ج جهوٽون:** ٿ. هيڏانهن هوڏانهن جهاتي – ڪنهن ڪي ڳولڻ لاءِ جهاتيون. "جنهن مُون سٻ جَماڻ جَرَ ر جهوٽون ڏنيون" (شاهه). رَلڻ يا ٻڌڻ جي حالت. ڳولا. ٻڌڻ – ٽلاش – ٽڪڻ جي حالت ڏسو "جهاتي".

– **جهوٽ وهمل هٽڻ:** جهاتي ٻاڻ – ليڪا ٻاڻ. جاچ ڪرڻ – ٽوري دير لاءِ اچڻ.

– **جهوٽون ڏيڻ هٽڻ:** جهاتيون ٻاڻ – ليڪا ٻاڻ. در در ٻڌڻ. رَلڻ. ڳولائون ڪرڻ. ڦرمائون ڪاڻ.

• **جهوٽڻ:** مصدر. جهوٽون ڏيڻ. جهاتيون ٻاڻ. رَلڻ. آجهرڻ – ڏکا ڪاڻ. ڳولڻ. ڪوشش ڪرڻ. ڏسو "جهاتي".

• **جهوٽو ج جهوٽا (ڪ):** ذ. جهوٽو – ٻنڪي – گهيڙڻ. ڏکو – ٽاهو – آڏيرو.

– **جهوٽا جهلڻ ڪاڻ:** ڏکا ڪاڻ – ٽاها ڪاڻ. بيڪار رَلڻ. اجايو لٽوس لٽوس ڪرڻ.

– **جهوٽا ڏيڻ:** جهوٽون ڏيڻ. ڳولا ڪرڻ. ڏکا ڪاڻ.

– **جهوٽائي:** ذ. صفت. رولاڪ – رولو. جهاتر. جهاتيون پاڻيندڙ.

• **جهوٽ ج جهوٽون (ل):** ٿ. ڇڪري – مقابلو. ڳولا.

– **جهوٽ ڏيڻ (ل):** مقابلو ڪرڻ. مناظرو ڪرڻ. ڳولڻ – نهارڻ.

• **جهوٽا (ت):** اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جهوٽڻ (ت):** مصدر. (سن. جُتْ) جهوٽا ڪاڻ. لوڏا ڪاڻ – ٻينگهه تي لٽڻ.

• **جهوٽو ج جهوٽا:** ذ. لوڏو (نندَ يا واءُ جو) – ٻنڪي – اوجهراڻي. جهونڪو (واءُ جو). ٻينگهي جو لوڏو. ريڇڪ – پور – جَذبو. اثر (بيماريءَ جو). وانگوڙو. ڏسو "جهوٽڻ".

– **جهوٽا اچڻ:** ٻنڪيون اچڻ – اوجهراڻيون اچڻ.

– **جهوٽا ڪاڻ:** لوڏا ڪاڻ (ٻينگهه جا). ٻنڪيون ڪاڻ. نند اچڻ – ويڻي نند ڪرڻ – نند اچڻ وقت هر هر ڪندَ هيٺ ٽي وڃڻ.

– **جهوٽا وڻڻ:** مزا وڻڻ – عيش ڪرڻ – ٻينگهن ر لٽڻ.

• **جهوٽر ج جهوٽا (ل):** ذ. ڪڪاڻون گهر – جهڪو – ٻونگو – جهڪي – ٻونگڙي. ڏسو "جهوٽڙي".

• **جهوٽڙو ج جهوٽڙا:** ذ. (پرا. جهوٽڏ او. سن. جهمَٽرڪ) "جهوٽر" جو اسر تصغير – ٻونگڙا "ٻاڻيءَ مٿي جهوٽڙا، مُور ڪ اَڄ سَرَن." (ث) جهوٽڙي ج جهوٽڙيُون.

• **جهوٽڙي ج جهوٽڙيُون:** ٿ. نندڙو ڪڪاڻون گهر – جهڪي – ٻنگي.

• **جهوجهر:** صفت. (سن. جَرْجَر) گهڻيج گهنج – ڦلهڙي يا گنڻن واري (پٽراڻي. سوڙ وغيره) وڏي پيٽ وارو (ث).

• **جهُوجهُو:** ذ. ڏڏ ولوڑڻ جو آواز ــ گهُرگهُر "جهُوجهُر مانڊي". ٻارن کي ڏيجارڻ لاءِ هڪ خيالي جانور جو نالو. ڏسو (جهُڳڙ).

ــ **جهُو جهُو مانڊي:** جملو. ننڍڙن ٻارن کي سرجائڻ جو جملو (ننڍڙي ٻار کي هٿن کان وٺي ڏڏ ولوڑڻ جو نقل ڪري اهي لفظ چئبا آهن. ٻار خوش ٿيندو آهي).

• **جهورَ:** (ث): "جهورڻ" مصدر. مان اسم. پڃڻ. پاڻيءَ جو آڏو يا بند ٻڌي پڃي ٻاهر نڪرڻ. جبل جي سير ــ ڪنار. وڏو ــ ڪُنڊ. سخت لڙائي (ظرف) لڳاتار ــ لاڳيتو (مينهن). ڏسو "جهرڻ".

ــ **جهورَ ٻڌڻ:** مينهن جو لاڳيتو وسڻ.

ــ **جهُور جهڪورَ:** ث. برسات جو لاڳيتو ۽ سخت وسڪارو.

• **جهُورَ (ث):** ث. ٻاهر ٻارڻ لاءِ سنها چينيا.

• **جهُورُ ج جهُورَ:** ذ. صفت. تمام وڏيءَ عمر وارو ــ تمام پوڙهو ــ ڪهنو ــ ڪراڙو. (ذ) جبل جو ڇنل حصو (ڪ). ڏسو "جهُرڻ".

• **جهُورا:** ذ. لذيذ طعام. مزا. ڏوڙ. عيش. فائدا.

ــ **جهورا ڪرڻ:** مزا وٺڻ ــ عيش ڪرڻ.

• **جهوراٽو ج جهوراٽا:** مزا وٺڻ ــ عيش ڪرڻ.

• **جهوراٽو ج جهوراٽا:** ذ. جهوري ــ ڳڻتي ــ فڪر ــ ڪنهن معاملي سببان پريشاني ــ تشويش ــ غمگيني ــ بي قراري. ڏسو "جهرڻ".

• **جهوراڻُ:** مصدر. "جهورڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏاڪاڻ ــ ڏاڪوڻ ــ اڌائڻ.

• **جهورڻُ:** مصدر. پورڻ. پڃڻ ــ ٽڪر ڪرڻ ــ پڪا ڪرڻ. زبون ڪرڻ. ڏاڪوڻ ــ ايذائڻ ــ زخمي ڪرڻ. ڏسو "جهرڻ".

• **جهورو ج جهورا (ث):** ذ. ٻلاند. ٻل.

• **جهوري ج جهوريُون:** ث. ڳڻتي ــ ڳراٽو ــ فڪر. آندَ ماندَ ــ بي قراري ــ چنتا ــ تانگهه ــ چڪ ــ سڪ ــ اڪند. ڏڪ ــ درد ــ غم. جدائي جو غم. مايوسي. ڳارو. جهولي (ث). ڏسو "جهرڻ".

ــ **جهوري لڳڻ:** ڪو ٽيڻ ــ ڳڻتي ٽيڻ ــ فڪر ٽيڻ ــ آندَ ماندَ لڳڻ.

ــ **جهوري ۾ جهجهڻ:** ڳڻتين ۾ ڳرڻ. جدائي ۾ بيقرار ٽيڻ. سوز ۾ سڙڻ.

• **جهولُ ج جهولَ:** ذ. نانگ جو هڪ قسم (جو پاڻيءَ ۾ ٽئي ۽ چوپائي کي پيرن ۾ وڪ وجهي بيوس ڪري ان جو رت پيئي).

ــ **جهولَ نانگ:** ذ. "جهولُ".

ــ **جهولڙا (ا):** ــ "جهولڙو نانگ" جو مينهن وغيره کي ونگ وجهڻ.

• **جهولڙو ج جهولڙا (ا):** ذ. (سن. ڪُڻ) سڻ يا پٽ جو رنگين ڪنڊ ــ جهاڀو ــ ٽوئر. وانگوڙو. وارن جو جوتو. سائي گاهه جو گدو ــ سانگهڙ ضلعي ۾ ڪٿي جي هڪ وڻ جو نالو جتي خمر تحريڪ جا ٽي ليڊر شهيد ٿيا هئا.

ــ **جهولڙيدار:** ذ. صفت. وڻن وارو ــ وڪڙن وارو ــ گلن سان ــ ٽوئرن سان ــ ڪنڊن سان ــ جهالر سان.

ــ **جهولڙي ج جهولڙيُون:** ث. جهڳٽو. جُوڙي (ٻيڙين جي).

• **جهُوڪ:** اسم. خاص. تعلقي تندي محمدخان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهوڪ:** اسم. خاص. تعلقي ميرپور بلوري ۾ ڳوٺ جو نالو (جتي شاهه عنايت شهيد صوفي رحمو جي مزار آهي).

• **جهوڪ ج جهوڪون:** ث. اُٽ جي زمين تي ويهڪ يا جهڪڻ جي حالت. اُٽن جي ويهڻ جي جاءِ. بارگير اُٽن جي منزل (رات جو). ويهڪ ــ منزل ــ ماڳ ــ جُوءِ ــ پاڻ. ويهڻ جو هڪ نمونو ــ پلٽي. هرڻ جي وهڻ جي جاءِ ــ ٽاڪ. چوپائي مال جي وهڻ جي جاءِ. ٻاهر ۾ ڪائين وجهڻ جو ڪم. گهٽي وقت تائين جماع. اُٽ جو ڏاڇيءَ تي چڙهڻ ــ دريا جي آر وارو پاسو. دريا ۾ ڪرڻ جي جاءِ. پرت جو هڪ قسم (ث). ڏسو "جهوڪڻ".

ــ **جهوڪ ٻڌڻ:** يڪي ويهڪ ڪرڻ (جماع ۾). لاڳيتو وسڻ (مينهن).

ــ **جهوڪ پائل (ڪ):** ذ. صفت. پاسا ۽ ٽنگون ياهيل (جانور).

ــ **جهوڪ ڏيڻ:** اڳهرو ڪرڻ (ڪائين چلهه ۾) ــ سوري.

ــ **جهوڪ رکڻ:** لاڳيتو ڪر ڪر ڪرڻ ــ ساندهه ڪندو رهڻ (ڪر) ڏڙي لائي ٻهي رهڻ (مينهن) لڳوتار وسڻ.

ــ **جهوڪ ماري ويهڻ:** پلٽي هٿي ويهڻ. جهڪي ويهڻ. بي اونو ٿي ويهڻ.

• **جهوڪڙ ج جهوڪڙا:** ذ. صفت. اهو جانور جنهن کي لڏ سوڏو ويهي رهڻ جي عادت هجي. ڏاهرو ــ آپرو. (ث) جهوڪڙ (ت).

• **جهُوڪڻُ:** مصدر. (ڪُشيپ + ڪُ) گهُوجڻ ــ زوري اندر ڪرڻ ــ ڏسڻ ــ ڏاڻي پرڻ. ٻاهر ۾ ڪائين وجهڻ. جماع ڪرڻ.

• **جهوڪو ج جهوڪا:** ذ. درياه جي وهڪري جو ڪنهن هنڌ تي زور ــ آر. ڪاڻي سان ڪنهن شيءِ کي جهوڪ ــ گهُوچ ــ جهوڪ.

• **جهوڪ:** ث. "جهوڪڻ" مصدر. مان اسم. ولوڙ ــ سولوڙو ــ ماندان.

• **جهوڪڻ:** مصدر. ڏُنڙڻ ــ ولوڙو وجهڻ ــ گوڙ مچائڻ ــ ماندان مچائڻ.

• **جهول:** اسم. خاص. تندي الهيار. سنجهوري ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جهول، جهول، جهول:** ث. ذ. درياه جي پاڻي يا وهڪري جي اونهي ڪاڏ وارو هنڌ (جنهن ۾ درياه جي لاٽ بعد ۾ پاڻي بيهي رهندو آهي). ڏر ڪنهن جهول جهلي. هُشي سمن پوري سهشي. (شاهه). درياه جي وهڪ وارو پاسو. درياه جو اونهي پاڻي وارو هنڌ (جتان ٻيڙيءَ کي

سولائي سان ڪيڏي نه سگهجي). هڪ هنڌ بيهڻ اونهون پاڻي. هيٺهين زمين – جهير. پهراڻ وغيره جو آڳو ڪولي جهلڻ. جهولي – دامن – پلُ. ڏهه جو هيناهون وٽراه وارو پاڳو (ث) – مڙهو (ث). ڏيگهه – گهير – ويڪراڻ – خلاصائي (ڪيڙي ۾) ڏلائي (ڳالهائڻ ۾). ڏسو "جهولي".

– **جهول ٻوڙ:** حد کان لنگهي وڃڻ. ڏب واري حالت کي رسڻ. وڏيڪ بيمار ٿيندو وڃڻ. آخرين حالت کي پهچڻ.

– **جهول جهلڻ:** جهولي جهلڻ – پاند جهلڻ. خيرات گهرڻ. رحم ۽ لطف جو طالب ٿيڻ.

• **جهُولِ:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهولڻُ (ڪ):** ز. مڇي مارڻ جو ڪيڙو.

• **جهولڻ:** مصدر. (سن. دولَن. دُلْ = لڏڻ) لڏڻ (پينگهه وغيره ۾). ڪنڌ هٿ ۾ – لَهَر ڪرڻ (جنّ جي اثر ڪري).

– **جهُولُ:** ٿ. مصدر. "جهولڻ" مان اسر. لڏڻ جي حالت. ڪنڌ لڏڻ جي حالت.

– **جهولاڻِ:** مصدر. "جهولڻ" مان متعدي بالواسطه. لوڏائڻ. ڪنڌ هٿائڻ – لَهَر ڪرائڻ (جنّ وارو ڪي).

• **جهول جهولان:** ٿ. لوڏ لوڏان (پينگهه ۾). ڪنڌ جي ڏوڻ (راڳ وغيره ٻڌڻ ۾). ڪنڌ هٿ جي حالت (سُرندي وغيره تي).

• **جهُولڻو ج جهُولڻا:** ذ. جهلي (ڇت ۾ ٻڌل). پڪو. هندورو. وڇڻو. پينگهو. ٽنڊڙي خُرزين جنهن تي خُفو وغيره رکجي (ث). لوڪ گيت جو هڪ قسم.

• **جهولو ج جهولا:** ذ. اونهاري جي تمام ڪوسي هوا – لُوهَ – لوءِ – لنڪ – لڪ.

– **جهولو جهَڏو:** ذ. گرمي سردي. اڃ ٻُک. ڏک ڏولاوا.

– **جهولو لڳڻ:** اونهاري جي تمام گرم هوا لڳڻ – لڪ لڳڻ – گرميءَ جي اثر کان بيمار ٿيڻ.

• **جهُولو ج جهُولا:** ذ. (سن. دُلْ = لڏڻ) لوڏو (پينگهي جو) – جهولنو (پينگهه جو) – پينگهو. پينگهه. ڏسو "جهولڻ".

• **جهولي ج جهوليون:** ٿ. (پرا. جهولِ آ. سن. جهولَڪ) جولي. پهراڻ وغيره جو اڳيون پاسو (جو ڪنهن شيءِ وٺڻ لاءِ دامن کان جهلبو آهي) – هنج. جهولُ – دامن – پلُ – پلاندُ. گود. "تنهن کي گندري جوڻ گناهه، جنهن جي جهوليءِ چندَ جهُلي پيو." ڪپڙي جو ٽهيل ڳوٽرو (جنهن ۾ ساڏو فقير خيرات وٺن) – بگري. اهو چندر جو هندو فقير مهاديو جي نالي ۾ وصول ڪندا آهن. آڪيرو. ڪپڙي مان ٺاهيل ڪانب – جهولُ – جهڪاڻ – هيناهين (صفت) – ڏري – سُستا.

– **جهولي ٿيڻ:** ڍري ٿيڻ (ڪت وغيره).

– **جهولي جهلڻ:** پلاندُ پکيڙڻ. سوال ڪرڻ – ڪجهه گهرڻ – عجز ۽ انڪساريءَ سان گهر ڪرڻ.

– **جهولي ۾ پوڻ:** سامهون پوڻ. ڪيتو لوڙڻ.

• **جهُومرُ ج جهُومر:** ذ. زيور جو هڪ قسم جو زالون پيشانيءَ تي لٽڪائيندیون آهن). ڪُڻ جي هڪ زيور جو نالو.

• **جهُومڪُ ج جهُومڪ:** ذ. (سن. جهَنٹ) ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور – جهمڪي.

– **جهُومڪو ج جهُومڪا (ت):** ذ. جهُومڪ – جهابو (ت).

• **جهُومر ڪرڻ (ل):** رخ ڪرڻ – ڏِسُ ڪرڻ.

• **جهُونْ:** ٿ. بندوق جو تيز آواز. اُٽ جي ويهڻ واري حالت (ڪ).

• **جهُونا ڳڙهه:** اسر خاص. هندستان ۾ هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو.

• **جهُونْٽ ج جهُونْٽُون (ث):** ٿ. [ذات] گهٽ نظر سبب هلندي آيل ٽاپو. هٿوراڙي – جهوٽ. جهَٽ – لاماڙو.

• **جهُونپي ج جهونپيُون (ث):** ٿ. جهُوپڙي – گندي ۽ اُن جو ڍڪ.

• **جهُونْجهارْ ٿ.** نظر جي جهڪائي. ڇنجهائي.

• **جهونْجهار:** اسر خاص. تعلقي نٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهُونْجهارْ ج جهُونْجهارَ:** ذ. صفت. (سن. يدّ = لڙائي + ڪارَ) بهادر – سُور مرد – جوڌو – پهلوان (صفت) اهو ماڻهو جنهن جي نظر گهٽ هجي – ڇنڇهو.

– **جهونجهارڪو:** ذ. صفت. بهادرن جو – سُورمن وارو.

• **جهُونجهاڪڙو (ت):** ذ. مُنهن اُونداهي.

• **جهُونجهاڻ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهُونْجهڙ ج جهونجهڙا (ت):** ذ. (صفت) ٽنڊڙين ٽنڊڙين ڳالهين ڪي ويچارينڊڙ. باريڪ بين.

– **جهونجهڙو ٿيڻ:** سمجهه ۾ وارو ٿيڻ. هوشيار ٿيڻ – ڏري پَرُڙي ڪري جاڻڻ.

• **جهُونْجهڻ:** مصدر. ڍونڍڻ – ڳولڻ – تلاش ڪرڻ – کوجنا ڪرڻ.

• **جهونْ جهونْ:** ذ. جهيڑو – فساد – وِگوڙ. ڪُرڪو – ڪُنْجهه.

• **جهُونْڌارُ (ل):** ذ. مچرن جو آواز.

• **جهُونْڌڙُ:** مصدر. جهڪڙڻ – لَڙڻ – وڙهڻ.

• **جهُونْڌي:** ٿ. جهيڑو – جهڪڙو – ڪٽ قٽ ۽ تڪرار.

• **جهونْڪُ (ت):** ڏسو "جهُڪنُ".

• **جهونگارُ ج جهونگارُون:** ٿ. (پرا. جهَنْكارَ. سن. جهَنْكار) جهيڻو آواز – آهستي ڳالهائڻ. تمام آهستي آواز سان ڳائڻ. ڇوپائي مال کي

ڪاهڻ لاءِ مخصوص آواز – جانگار – جُونگارَ.

• **جهُونگارڻُ:** مصدر. آهستي ڳالهائڻ – جهيڪي آواز ۾ ڳالهائڻ. چپن ۾ ڳالهائڻ. ٿوارڻ. ٻن ٻڙ ڪرڻ. سُس ٻس ڪرڻ.

• **جهُونڪڻُ (ت):** مصدر. ڳالهائڻ – جهونگارڻ.

• **جهُونگارَ.** (صفت) ڪُبو. ڏ ٻرو (ت).

• **جهونو ج جهُونا:** ذ. صفت. (سن. جيرْنَ. جَري = ٻڍو ٿيڻ) پراڻو – ڪُهنو. گهڻي وقت جو – قديم – آڳاتو – اڳوٽو. بوسيده ـ سڙيل – گرنيل. پوڙهو – ٻڍو. تجربه ڪار (ماڻهن) آزمودگار. (ث). جهوني ج جهونيُون.

– **جهونائي ج جهونائيُون:** ث. ڪُهنائي – پراڻائي. ٻڍاپو – ضعيفي – پوڙهائي – پيري. قدامت – آوائلي حالت.

• **جهوڙُ:** مصدر. (سن. شْيَاوَل) ڳاموڙجڻ (لگ). تپ اچڻ – تپجڻ. ٻاھ ٿيڻ.

• **جهوڙي:** ث. تپَ – ڳاموڙ – بخار. تيڑهي – مغروري. ٻاھ – شهوت.

• **جهوڻُ:** مصدر. (سن. ڪُشوپَيَت. ڪُشْپْ = لوڏڻ) شروع ڪرڻ – جوتڻ (ڪو ڪم) – ڪاهڻ (جنڊ – چڪي). جنڊ جهوڻڻ. جنڊ جهوئي ويهڻ. ڳالهه يا معاملي کي اڌايو ڏڪهو ڪرڻ.

• **جهُڻڪڻُ (ڪ):** مصدر. ٽهڻ. ماڻ ٽي وڃڻ. چپ چپاتو ٿيڻ – برداشت ڪري وڃڻ.

• **جهُڻڪو ج جهُڻڪا (ڪ):** ذ. جهوتو (هوا جو).

• **جهيبَ (ث):** ث. چپ – چپي – ستّ.

• **جهيبو ج جهيبا (ڪ ل):** ذ. ڏڙ – ڏنڊ – غسل – وهنجڻ.

• **جهيت (ت):** ث. اُٺ کي خبردار ڪرڻ جو آواز – جيت (ل).

• **جهيتو ج جهيتا (ڪ):** ذ. ٻيلهاڙو راند.

• **جهي جهي (ڪ):** ذ. (ع. شي شي) ڪنهن جانور کي پاڻي پيارڻ وقت ڪيل آواز – چي چي.

• **جهيرَ (ت):** ث. اُٺ جي گاڄ – گنڙ ـ اُٺ جي گنڍڻ جو آواز.

– **جهيراڻ:** ث. ڏاڄي ۽ جي گنڙ.

– **جهيراڻ:** ث. ڏاڄي ۽ جي گنڙ. گاڄ.

• **جهيرَ. جهيڙ (ت):** ذ. چيٽا – ٽوٽا (ڪالين جا).

• **جهيرُ ج جهيرَ:** ذ. (سن. ڪُشَرَ ۽ اِڪا) چيرَ (ڪيڙي ۾ وڃائ تندن نڪري وڃڻ سبب) – گهاريُ. سنڈو – ڏار. چوپائي جي ڪن ۾ نشان خاطر ڏنل چيرَ – چَهڪَ – وَڍ.

– **جهيرُ جهيرَ:** ذ. گهاريون گهاريون (ڪيڙي ۾). چير چير. ڦرٽون – ليڪن جا نشان.

– **جهيرو (ث):** ذ. گهاريُ (ڪيڙي ۾).

• **جهيرائڻُ (ل):** مصدر. ڪنجهڻ (بيمار ماڻهوءَ جو). ٻار کي روئاڙڻ (ت).

• **جهيڙٽ (ت):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جهيرَ ڏيڻ:** ڪنهن جي اصطلاح ۾ ڪپڙي کي تيل ۽ ساڪڙ ۾ ٻوڙڻ.

• **جهيرَڻ (ت):** مصدر. جهڪڻ. لهڻ.

• **جهيرٽو ج جهيرٽا:** ذ. جهرٽو – منڍيڙو – ولوڙڻ جو اوزار.

• **جهيرٽيا (ث):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

• **جهيڙائڻُ:** مصدر. جهيڙو ڪرائڻ. تيڙسرُ ٿيڻ. تيڙسو ڪرڻ.

• **جهيڙڻُ:** مصدر. جهيڙو ڪرڻ – وڙهڻ – فساد ڪرڻ – جنگ جوٽڻ.

• **جهيڙو ج جهيڙا:** ذ. جهڪڙو – ٻٽاڙ – ويڙهه – ماندائ – مقابلو – معاملو – فساد – جنگ – ڏنگو – ڏنتو – سودا ڪار جو پاڻي.

– **جهيڙاڪُ ج جهيڙاڪَ:** ذ. صفت. جهيڙوڪندڙ – فسادي – جهيڙاڪَرَ – جهيڙائي – جهڪڙائي – جهڪڙالو.

– **جهيڙاڪَرَ. جهيڙاگرُ:** ذ. صفت. جهيڙاڪُ – جهڪڙالو.

– **جهيڙائي ج جهيڙائي:** ذ. صفت. جهيڙاڪُ – جهيڙاڪَرَ.

– **جهيڙو جهڏو:** ذ. جهڪڙو – ڏنتو – تڪرار – ڏنگو فساد – گارگند – گهٽ وڌ گفتگو.

– **جهيڙوڪرڻ:** جهڪڙو ڪرڻ – جهڪڙڻ – فساد برپا ڪرڻ.

• **جهيڪ (ل):** ث. اُٺ جو ڏاڄي ۽ تي ڇڙهڻ – ڪَڏو – هيناهين.

• **جهيڪَ ج جهيڪ (ت):** ذ. جهيڪو (ت). لوڏو.

• **جهيڪارڻُ (ت):** مصدر. ڏاڍيان ۽ تڪڙا سڏ ڪرڻ. جيڪارڻ.

• **جهيڪارڻ (ل):** مصدر. ويهارڻ (اُٺ).

– **جهيڪارو:** ذ. اُٺ کي ويهارڻ يا هُشائڻ جو لفظ.

• **جهيڪرَ (ت):** ث. ويهڪَ (اُٺ جي).

– **جهيڪرَ ڪرڻ:** اُٺ کي ويهارڻ – هُشائڻ.

• **جهيڪڻُ:** مصدر. ويهارڻ (اُٺ).

• **جهيڪو ج جهيڪا (ت):** ذ. جهانڪو (جهاڪو) – ڪوبو. لوڏو – ڏوڏو – ڪَڏ – ڪَپ.

• **جهيڪو ڏيڻ:** ٽورو لوڏڻ ڏيڻ.

• **جهيلڻ:** ث. ا ف. زيل) ڏهل جو هڪ قسم (جو ٽيڙو آواز ڪڍي). ٻٽي سان آواز ملائي ڳائڻ. سُرَ جهلائڻ جي حالت. راڳ وغيره ۾ سُر ڏيارڻ.

– **جهيلي ج جهيلي:** ذ. صفت. راڳ ڪندڙ جي پٽيان سُر جهلائيندڙ – سُرَ جهلائو – سُريلو – سُر ڏيارڻ وارو.

• **جهيلارَ (ل):** زيلا. اُٺ جو ساز سينگار.

• **جهيلارَ (ل):** ث. آهستگي. ڳالهائڻ ۾ آواز کي هيٺ ڪرڻ جي حالت. ڏسو "جهيل".

• **جهلاڙو (ل)**: ذ. ڏڙ – غسل – سَنان ـ وهنجڻ.

• **جهلڻ (ل – ت)**: مصدر. وهنجڻ – ڏاڻ – غسل ڪرڻ – سنان ڪرڻ.

• **جهلو ڇ جهلا (ٿ)**: ذ. ٻاهرئين دروازي مٿان ٽاهيل ڇت.

• **جهيلي ڇ جهيلي**: ذ. صفت. اهي ماڻهو جي ڳائيندڙ پٽيان سُر جهلائين – همنوا. ڏسو "جهيل".

• **جهينجهه**: ذ. اسن. ڪُشبيڊ) پرزا – نندڙا ٽڪر.

• **جهينگارڻ**: مصدر. هلڪي مار ڪيڻ. سٽ ڏيڻ. ڇڪ ڪيڻ. ڪپهه کي ٽيون پيرو پڇڻ. جهونگارڻ.

– **جهينگار**: ث. دري يا هلڪي مار – ڪپهه کي ٽيون دفعو سٽ يا ڇڪ.

– **جهينگار ڪيڻ**: ٽيون پيرو سٽڻ يا ڪُٽڻ ڇڪ ڪيڻ.

• **جهينگارڻ (ت)**: مصدر. "جهينگڻ" مان متعدي بالواسطه. مار ڪرائڻ.

• **جهينگاڙ (ت)**: ث. مار.

– **جهينگاڙ ڪيڻ**: مار ڪيڻ – ڇڪ ڪيڻ – ڪُٽي ڇڏڻ.

• **جهينگڙ جهينگڙ (ت)**: ث. مار – جهينگار.

– **جهينگ جهينگڙ ڪيڻ**: مار ڪيڻ – جهينگار ڏيڻ.

• **جهينگڻ**: مصدر. جهڳڻ (مڪين جو). شور ڪرڻ. مار ڪيڻ.

• **جهينگو ڇ جهينگا**: ذ. (سن. چنگڪ) مڇي، جو هڪ قسم (جو مڪڙ جهڙو ٿئي. هن جو اندريون گودو سڪائي ٻوڙ رڌبو آهي) – گانگٽ – مڪڙ مڇي.

• **جهيمڙ (ٿ)**: ذ. شادي، جي هڪ رسم.

• **جهيڙ (ت)**: ث. هلڪائي (آواز جي). سنهون ٻخار – معمولي تپ – ٻخار جي ٿوري سٽ. ڏسو "جهيڙو".

• **جهيڙو ڇ جهيڙا**: ذ. صفت. (سن. ڪُشبيڊ) هلڪو – نرمَ – نفيس – خفيف – نبلَ – نهولڙو – ضعيف – ڪمزورَ – هيڻو. ٿورو (آوان). آهستو – مانو.

– **جهيڙائي**: ث. نرمائي – هلڪائي – نهولڙائي – آپرائي – ضعيفائي – ڪمزوري – نبلائي.

A COMPREHENSIVE DICTIONARY OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

(REVISED EDITION)

Volume –I (الف-جھ)

Author & Editor

N.A. BALOCH
M.A.L.L.B (M.U. Aligarh)
M.A.Ed.D. (Columbia. New York)

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD-SINDH
PAKISTAN
2017 A.D

New
Comprehensive Sindhi Dictionary

Volume I (الف - جهہ)

By

Dr. N. A. Baloch

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

ISBN 978-9-6962513-3-0